روم جي شهنشاهت جو زوال ۽ خاتمو

ايڈورڈ گبن

THE DECLINE AND FALL OF THE ROMAN EMPIRE

EDWARD GIBBON

سنڌيڪار:
عنايت بلوچ

سنڌي ادبي بورڊ

روم جي شهنشاهت جو زوال ۽ خاتمو

ايڈورڈ گبن

سنڌيڪار:

عنايت بلوچ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2010ع

[ڪتاب جي سنڌي ترجمي جا سمورا حق واسطا محفوظ]

چاپو پهريون　　ڊسمبر 2010ع　　تعداد هڪ هزار

هيءُ ڪتاب بورڊ طرفان تيار ڪيل اشاعتي رٿا موجب سنڌ حڪومت جي سالياني ترقياتي پروگرام تحت خصوصي طور شايع ڪيو پيو وڃي. ڪتاب جي اشاعت لاءِ مالي وسيلا سنڌ حڪومت طرفان مالي سال 06-2005ع جي بجيٽ مان فراهم ڪيا ويا.

قيمت: پنج سؤ پنڄٽيهه رپيا

[Price Rs.535.00]

ISBN 978-969-406-024-8

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب سنڌيڪا اڪيڈمي ڪراچيءَ مان پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پٽرو ڪيو.

چپائيندڙ پاران

سنڌي ادبي بورڊ جي لاءِ اها ڳالھ بيحد خوشي ۽ فخر جو باعث آھي تہ اسان ھڪ عظيم تاريخي ڪتاب 'The Decline and Fall of the Roman Empire' جي سنڌي ترجمي کي شايع ڪري ان کي نہ رڳو سنڌ واسين پر سڄي دنيا ۾ رھندڙ سنڌين جي خدمت ۾ پيش ڪري رھيا آھيون. "روم جي شھنشاھت جو زوال ۽ خاتمو" وڪٽورين دؤر جو ھڪ اھڙو ڪتاب آھي، جيڪو دنيا جي شاھڪار ڪتابن (World Classics) جي لسٽ ۾ شامل آھي. سنڌ جي نالیواري ۽ برڪ شاعر ۽ نامياري نثر نويس محترم عنايت بلوچ بيحد خوبصورت ۽ ادبي انداز ۾ ان جو سنڌي ترجمو ڪري ڇڻ جبل جھاڳيو آھي، جو تہ اصل ڪتاب لڳ ڀڳ 230 سال اڳ جو ڇپيل آھي، جنھن جي انگريزي ٻولي ۽ محاورا ٻہ ان دؤر جا آھن، جن کي پُرجھڻ، پروڙڻ ۽ اُنھن جي ترجمي ڪرڻ وقت، سنڌي ٻوليءَ جي ٻہ ساڳي ڇھراڻ ۽ ڇاشني برقرار رکڻ ھر ڪنھن جي وَس جي ڳالھ ڪانہ ھئي، پر جيئن تہ عنايت بلوچ صاحب کي انگريزي زبان تي اوتروئي عبور حاصل آھي، جيترو ڪيس پنھنجي ٻوليءَ تي آھي تہ ترجمي ڪرڻ وقت سنڌي محاورا، استعارا ۽ پھاڪا ٻہ ھر ان جڳھ تي استعمال ڪيا اٿن جتي جتي کين موقعو ملیو آھي. شاھ لطيفؒ سان سندن بيحد عقيدت ھئڻ سبب لطيفي لات کي ٻہ موقعي ۽ محل جي مناسبت سان استعمال ڪري، سنڌي ٻوليءَ کي وڌيڪ مٺو، لذيذ ۽ ادبي بڻايو ويو آھي. جبل جيڏي ھن ڪتاب جي خوبصورت ترجمي ڪرڻ تي آڏ سائين عنايت بلوچ کي دل جي گھرائين مان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو.

سنڌي ادبي بورڊ ماضي ۾ ٻہ ادب، تاريخ، تھذيب ۽ لسانيات جي سلسلي ۾ اھم ڪتاب شايع ڪندو رھيو آھي ۽ بورڊ طرفان اھڙين ادبي ۽ سماجي خدمتن جو سلسلو جاري آھي ۽ انشاءالله آئندہ ٻہ جاري رھندو. پر ھن ڪتاب يعني "روم جي شھنشاھت جو زوال ۽ خاتمو" جي بين الاقوامي حيثيت آھي. سنڌي ادبي بورڊ عالمي سطح جي تاريخي ڪتاب جي ترجمي پيش ڪرڻ تي خوشي محسوس ڪري رھيو آھي. سنڌيڪار پاران لکيل لفظن ۾ محترم عنايت بلوچ ڪتاب ۾ آيل مواد جو مختصر لفظن ۾ ذڪر ڪيو آھي، جنھن ۾ قبل مسيح جي دؤر کان وٺي

وچين دؤر (Middle Ages) تائين جي تاريخي واقعن، جنگين، مذهبن، فيلسوفن ۽ ڏاهن جو ذڪر ٻه ڪيل آهي. ان کان سواءِ ڪتاب ۾ پڙهندڙ لاءِ ايتريون ٽه دلچسپ ڳالهيون آهن جن کي هتي ورجائيو ٽه اُهو بذات خود هڪ ڪتاب ٿي ويندو.

جيئن ٽه ڪتاب تمام ضخيم آهي جنهنڪري اهو ممڪن ۽ مناسب ڪو نه هو ٽه ان کي هڪ جلد ۾ ڇپرائجي. تنهنڪري ڪتاب جو هي پهريون جلد شايع ڪري خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون ۽ اوهان کي يقين ٿو ڏيارجي ٽه ڪتاب جو ٻيو جلد ٻه سُٽت ئي اوهان جي هٿن ۾ هوندو.

ڪتاب بابت مهربان قارئين جي قيمتي راءِ جو انتظار رهندو.

(پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي)
سيڪريٽري

جام شورو، سنڌ
اربع 1- محرم الحرام 1432هـ
8- ڊسمبر 2010ع

روم جي شهنشاهت جو زوال ۽ خاتمو

سنڌيڪار پاران.....

سنڌي ادبي بورڊ پاران، " روم جي شهنشاهت جو زوال ۽ خاتمو" جو ڪتاب مونکي ترجمي لاءِ پيش ڪرڻ ائين هو جيئن نازڪ ماڻهو کي سفر پيرين پيادو شروع ڪري ۽ سندس پهريون ئي سفر پٽريلو ۽ پهاڙي پنڌ بڻجي وڃي ۽ پنڌ ڪندي ڪندي، سسئيءَ جيان، سندس پير پٽون ٿي پون. بلڪل ساڳي واردات مون سان ٿي آهي، توڙي جو مون اڳ هڪ ٻن انگريزي مضمونن جو ترجمو ڪاميابيءَ سان ڪيو هو پر ايڊورڊ گِبن جو ڪتاب:

DECLINE AND FALL OF THE ROMAN EMPIRE

جيڪو وڪٽورين دور جو شاهڪار ۽ ورلڊ ڪلاسڪس ۾ شامل آهي ۽ اٽڪل 230 سال اڳ ڇپيو هو، جو ترجمو خاصو مشڪل ڪم هو ۽ هي منهنجي پهرئين تجربي سان گڏ منهنجو پهريون امتحان پڻ هيو ته مونکي هن ڪنن ڪم ۾ ڪيتري ڪاميابي ٿي حاصل ٿئي. مصنف جا جملا ايترا ته ڊگها ۽ اينگهائيندڙ آهن جو اهو سورن جو هڪ جدا داستان آهي، پر الحمدالله آئون مطمئن آهيان ته سنڌس ڏکين ۽ وَر وکڙ جملن کي مون سنڌيءَ جي سانچي ۾ ڇڪيءَ طرح فِٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

منهنجو ذاتي خيال آهي ته ڪنهن به ناول، ڪهاڻي، ادبي يا تاريخي ڪتاب جي ترجمي جي تحرير جيڪڏهن اوريجنل يا اصلي لڳي ته سمجهبو ته ترجمي ۾ بيساختگي ۽ نج سنڌي لکت واري رواني موجود آهي. بهرحال اهو فيصلو ته ڪتاب جي مطالعي ڪانپوءِ مهربان پڙهندڙ ئي ڪري سگهندا ته هن شاهڪار ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ ۾ مونکي ڪيتري ڪاميابي ٿي آهي.

هن ڪتاب ۾ الله پاڪ جي هڪ هجڻ، (وحدانيت) عيسائيت ۾ ٽن خدائن (تثليث) جي عقيدي توڙي گهڻن خدائن ۾ اعتقاد ۽ انجي وجود جي اقرار توڙي انڪار بابت يونان جي مشهور فيلسوفن سقراط، افلاطون ۽ ارسطو، ۽ روم جي فيلسوف سِسرو توڙي ٻين مشهور مدبرن ۽ دانائن جا ڊگها ۽ دلچسپ بحث مباحثا تمام گهڻي دلچسپيءَ جو باعث آهن. خاص طرح افلاطون جو ذڪر تمام گهڻو آيل آهي. جنهن انسانذات جي بهتري ۽ حڪومتن جي جوڙجڪ بابت اعليٰ اصول ڏنا آهن، جن نه رڳو دنيا جي ٻين مفڪرن جو توجه چڪرايو پر اُنهن کي متاثر پڻ ڪيو.

ڪتاب ۾ حضرت آدم (ع) کان حضرت عيسيٰ (ع) تائين جتي جتي جن به پيغمبرن جا نالا آيا آهن (رحمت اللعٰلمين ۽ ختر المرسلين حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جو ذڪر هن ڪتاب جي ٻي جلد ۾ ايندو) ته آءُ پيغمبرن جي احترام ۾ حضرت ۽ عليه السلام (ع) سندن نالن جي اڳيان ۽ پٺيان پنهنجي طرفان لکندو ويو آهيان.

يهودي مذهب ۽ حضرت موسيٰ (ع) جو به پرپور طريقي سان ذڪر ٿيل آهي ۽ اهو پڻ ٻڌايو ويو آهي ته حضرت عيسيٰ (ع) جي آمد ڪانپوءِ توڙي جو عيسائيت زور ورتو تڏهن به حضرت موسيٰ (ع-س)

جي مذهب جون ثقافتي روايتون توڙي رسمون ۽ رواج، ڏينهَن ۽ ڏِڻن جون ورسيون ۽ تقريبون، عيسائين طرفان پڻ يهودي مذهب جي روايتن موجب ملهايون ويندیون هيون. بهرحال پوءِ عيسائي مذهب هر طرف ڦهلجي ويو. عيسائيت جي پکڙجڻ، ۽ ان مذهب جي اصولن، ثقافت، ريتن رسمن ۽ روايتن بابت هن ڪتاب جي پندرهين ۽ سورهين باب ۾ مڪمل پر تعجب ۽ وجهندڙ تفصيل ڏنل آهن جيڪي مهربان پڙهندڙ جي توجه ۽ دلچسپيءَ جو باعث بڻبا. حضرت عيسيٰ (ع) جي عظمت، سندس مذهب ۽ ڪيس ڏنل تڪليفن ۽ عذابن جو پڻ تفصيلي ذڪر ڪيل آهي. هڪ طرف يهودي، عيسائي ۽ ٻين عقيدن ۽ مذهبن بابت تفصيلي بحث مباحثا، تاريخ جي طالب علمن کي هن ڪتاب جي مطالعي لاءِ مجبور ڪندا ته ٻي طرف لادیني لاڙن ۽ گهٽن خدائن کي مڃڻ وارن جو ذڪر پڻ پرزور طريقي سان ڪيو ويو آهي. ٻيو ته هي سڄو ڪتاب بربرن جي بهادري ۽ دليريءَ جي واقعن ۽ وهمن وسوسن جي دل وندرائيندڙ داستانن سان پريل آهي. ٻي طرف مذهب جي معاملن ۾ دليل بازن يا منطق ذريعي هر ڳالهه سمجهڻ ۽ انتي يقين ڪرڻ وارن جي به، شايد، اڄ جي ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي دور جي مقابلي ۾ به، قبل مسيح جي زماني ۾ وڌيڪ گهٽائي هئي. اُنهن دليل بازن نه رڳو ڪنهن مذهبي ڳالهه کي دليل ۽ منطق جي آڌار تي قبول ڪرڻ تي زور ڏنو پر الله پاڪ جي شان ۾ ڪٽي ڪٽي گستاخيءَ جو مظاهرو پڻ ڪيو. انجي باوجود ٻئي ڏريون يعني يهودي توڙي عيسائي تسليم ڪندا هيا ته دليل باز سڀي ڪردار جا مالڪ ۽ مهذب هيا ۽ پنهنجي اخلاق، علم ۽ دولت هئڻ سبب مشهور هيا ۽ سندن علمي برتري سبب کين عالم، جي لقب سان سڏيو ويندو هو.

بهشت ۽ دوزخ جو ذڪر، ٿوري گهڻي ڦير ڦار سان، بلڪل اُنهيءَ انداز ۽ عقيدي موجب ڪيل آهي جيڪو مسلمانن جو عقيدو آهي. هڪ فيلسوف ۽ تاريخدان ٽرٽولين چوي ٿو ته: "هن خود دوزخ جو نظارو ڪيو هو جتي ڪيترا گنهگار ۽ ظالم انسان دوزخ جي شعلن ۾ پچي ۽ پچري رهيا هيا."

زندگي ۽ موت جي فلسفي تي مختلف فيلسوفن ۽ مفڪرن طرفان طويل گفتگو جا سلسلا ۽ بحث مباحثا پڻ نه رڳو هن ڪتاب جي اهميت ۾ اضافو ڪن ٿا پر اهي بحث ۽ دليل پڙهڻ وٽان آهن. روح ۽ جسم وانگر فنا ٿئي ٿو يا اهو لازوال آهي؟ ڪتاب جو مصنف ايڊورڊ گبن اڳتي هلي اسانکي ٻڌائي ٿو ته: " روح جي لازوال هئڻ جي سچائيءَ ۾ هندستان، اسيريا، مصر ۽ گال وارا پورو پورو يقين رکندا هيا."

هن ڪتاب ۾ بادشاهن ۽ شهنشاهن جي وچ ۾ جنگين جهيڙن جو تذڪرو ۽ آهي ته انساني رت ريلا ڪري وهائڻ جا لِڳ ڪاندارينڊ قصا ۽ آهن، ظلم ۽ ذلت جا داستان ۽ آهن ته عشق، پيار ۽ محبت جون خوبصورت جهلڪيون پڻ نظر اچن ٿيون. شاديون ڪيئن ٿيندیون هيون، موت جو رسمون ڪيئن ادا ٿيندیون هيون، عيسائين کي چرين ۽ پاڳلن وانگر شهادت جو شوق ڪيئن هوندو هو، مذهبي مخالفن کي انتهائي دردناڪ اذيتون ڪيئن ڏنيون ويندیون هيون، ماڻهن جا عمومي طور طريقا، رهڻي ڪهڻي ۽ هڪ ٻئي سان روَيا ڪيئن ۽ ڪهڙا هيا، اهي ۽ اهڙيون ڪيتريون ئي دلچسپ، درد ناڪ ۽ وحشت پريون ڳالهيون هن ڪتاب ۾ ايتريون ته بيشمار آهن جو اُنهن کي

تعارف

1766ع ۽ 1788ع جي وچ ۾ ڇپيل، گبن جي تاريخ، 'روم جي شهنشاهت جو زوال ۽ خاتمو،' انگريزي ۾ تاريخ نويسيءَ جو بلاشڪ هڪ شاهڪار ڪارنامو تسليم ڪيو وڃي ٿو. ان جو ڏڳهو مواد، پنهنجي جڳهه تي ڪتاب جي عظيم الشان معيار جو هڪ ماپو آهي: ايڪهتر باب، جن مان اناويهه يا ٻه پاڳي پنج مڪمل طور هن ڇاپي ۾ آيل آهن. ٻي صدي عيسويءَ کان 1453ع ۾ قسطنطنيه جي زوال تائين، تيرهن صدين جي طويل عرصي تي پکڙيل يورپ جي زماني وار تاريخ کي نياري طريقي، فصاحت ۽ لاجواب رواني واري انداز سان لکڻ، ارڙهين صديءَ جي سوچ ۽ فڪر جي ڪاميابي هئي ته تاريخ لکڻ جو ڪم به، عظيم ادب جي صِنف وانگر، اوترو ۽ ايترو ته شاندار ۽ شاهڪار هجي جو 'اُهو ختم به ٿئي ته فقط تڏهن، جڏهن ان جي ٻولي به ختم ٿي وڃي.'

ايڈورڈ گبن 1737ع ۾ پُٽني ۾ ڄائو. هڪ خوشحال ۽ آينگي شخص ٽوري اسڪوائر جو پُٽ هو. اڃا ڏهن سالن جو هو ته ماءُ گذاري ويس ۽ سندس ماءُ جي چاچيءَ کيس ٻالڪپڻ ۾ سهارو ڏنو ۽ خوش رکيو. هوءَ مٽس شفيق ۽ مهربان هئي. سندس رسمي تعليم اطمينان بخش نه هئي. ٻن سالن تائين هن ويسٽ منسٽر اسڪول ۾ تعليم ورتي ۽ کيس خانگي طور ٽيوشن پڙهاريو ويو. گبن بهرحال سيکجهه پاڻ سکيو ۽ حاصل ڪيو، هر شيءَ کائڙ جو شوقين، انتهائي ذهين ۽ ڪتابن جو ڪيڙو هو. پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ هو ولٽ شاير جي هڪ جڳهه اسٽور هيڊ جي دؤري جو ذڪر ڪري ٿو جڏهن هو فقط 14 سالن جو هو، جتي: 'هو دنيوب نديءَ تي گاڏن جي باري ۾ ڪنهن تحرير ۾ صفا غرق ٿي ويو هو ته 'اوچتو رات جي مانيءَ جي گهٽتي منهنجي ذهني دعوت مان گهلي منهنجي مرضيءَ جي خلاف مون کي ڊنر تي پهچائي ڇڏيو.' سندس پيءُ کيس آڪسفورڊ جي مئگڊالن ڪاليج موڪليو. هڪ ته اُتي کيس نظر انداز ڪيو ويو، ٻيو وري پاڻ جيئن مذهبي ڪتابن جي مطالعي طرف گهڻو متوجه ٿيو ته پنهنجو عقيدو بدلائي ڪٿولڪ عيسائي ٿي ويو، جيڪا سندس طرفان 'هڪ ٻاراڻي بغاوت' هئي جيئن اڳتي هلي پاڻ پنهنجي لاءِ لکيو اٿس. توڙي جو هُو پنهنجي عقيدي بدلائڻ ۾ مخلص هو پَر پروٽيسٽنٽ برطانيه ۾ اُن سبب کنهن به عوامي يا انتظامي جڳهه وٺڻ لاءِ جڻ پاڻ کي هن نااهل ڪري ڇڏيو هو. لاسين (سئزرلئنڊ) ۾ پنج سال (1753-58) هڪ ڪالونيت پرست وزير جي سنيال هيٺ رهيو جنهن اڪيڊميءَ ۾ کيس لاطيني زبان ۽ قديمي تاريخ سيکاري جنهن سندس دماغ تي فيصلاڪن اثر وڌو ۽ هو ذهني طور صحتمند ٿي انگلنڊ موٽيو ۽ پنهنجي مذهبي حماقت جي باري ۾ پڻ لکيائين. هو لاطيني زبان جو ماهر هو ۽ کيس نه رڳو فرانسيسي زبان تي عبور حاصل هو پر ان جي علم ۽ ادب حاصل ڪرڻ لاءِ به سندس اندر ۾ جذباتي لڳاءُ پيدا ٿي ويو. هن سلسلي ۾ فلسفي جي تاريخ جي اسڪول ۾ به بيحد دلچسپي ورتائين جنهن جو سربراهه والٽيئر هو. (جيڪو 1735ع ۾ جنيوا جي ويجهو اچي رهيو هو). 1761ع ۾ هن پنهنجو پهريون ڪتاب فرانسيسي زبان ۾ چپرايو: " ادب جي مطالعي تي مضمون" لاسين ۾ سندس دوستي سئزرلئنڊ جي هڪ محقق جارجس ڊيورڊن سان ٿي ۽ سندس مگٽو هڪ وزير جي ڌيءُ سوزين ڪرڪاڊ سان ٿيو جنهن وٽ پاڻ سان ڏاڄ ڪٽي اچڻ جي سگهه ڪانه هئي. بهرحال پوءِ گبن ساڻس مگٽو ٽوڙي ڇڏيو جو سندس

والد هن جي شاديءَ لاءِ تيار نه هو. ' مون هڪ عاشق جيان ڏڙو ساهه پريو ۽ هڪ پُٽ وانگر حڪم مڃيو.' هن چيو. سوزين ڪرڪاڊ پوءِ جيڪس نيڪر سان شادي ڪئي جيڪو لوئس XVI جو مستقبل جو وزير خزانه هو ۽ سڄي عمر گڻ جو دوست رهيو. هن ڪڏهن به شادي نه ڪئي.

هئمپشاير ۾ پنهنجي بيوريٽن جي محل جي لائبريري ۾ گبن ڪجهه ڪجهاندر ۾ ڪتابن پڙهڻ تي ڏيان ڏنو ۽ پورن پنجن سالن 1758-1763 تائين ستن سالن جي جنگ دوران سندس پڙهائيءَ جو شغل جاري رهيو. پر سندس پڙهائيءَ ۾ اچانڪ رڪاوٽ پئجي وئي جو هئمپشاير جي مليٽري جي ڪپتان طور سندس ڊيوٽي لڳائي وئي. جنگ ڪانپوءِ هن 1763ع ڪان 1765ع تائين هڪ شاندار دوُري ۾ هڪ ڪنڊ جو سفر ڪيو جيڪو سرڪاري ملازمت اختيار ڪرڻ لاءِ هڪ ضروري شرط هوندو آهي. لاسين رستي اٽلي رواني ٿيڻ ڪان اڳ پئرس ۾ سندس ملاقات وڏن ۽ نالیوارن فيلسوفن سان ٿي. جهڙوڪ ڊي اليمبرٽ، ڊائڊروٽ، هيلويٽيس ۽ ڊي هولباخ. هو پنهنجي آتم ڪٿا جي مشهور تحرير جي ٽُڪري ۾ لکي ٿو: " روم جي هڪ شام ۾، 15 آڪٽوبر 1764ع جي تاريخ هئي جڏهن آئون جُوپيٽر ديوتا جي مندر ڪئپيٽول جي تباهيءَ بابت پنهنجي اندر ۾ سوچي رهيو هوس ته عين ان وقت چرچ جا پيرين اُگهاڙا ماٿهو جوپيٽر جي مندر ۾ سانجهيءَ جي دعا جا ٻول آلاپي رهيا هيا ته اُتي ئي مونکي هن شهر جي زوال ۽ تباهيءَ بابت لکڻ جو خيال پهريون دفعو منهنجي ذهن ۾ آيو." پنهنجي زندگيءَ جي تمام اهم ڪم جي شروعات ڪرڻ ڪان اڳ، هن ٻين ڪمن کي شروع ڪرڻ جي سَڌَ ۾ ڪيترائي دفعا ڪئي مثال طور سئزرلئنڊ جي آزاديءَ جي تاريخ، پر ٻيو ڪوبه ڪم مڪمل نه ڪري سگهيو.

جڏهن 1765ع ۾ هو انگلنڊ واپس موٽيو ته پنهنجي پيءُ کي جسماني توڙي نفسياتي طور هيٺو ۽ پنهنجي ڪٽنب کي مالي طرح ڪافي ڪمزور وجي ڏٺائين. 1770ع ۾ پنهنجي پيءُ جي مرڻ وقت گبن عزم ڪيو ته هو پنهنجي بگڙيل حالتن کي ٺيڪ ڪندو. ٽيڪ سيٽي معاملا، پنهنجي دوست هالرائڊ جي مدد سان، ٺيڪ ڪري ورتائين جنهن سان هُو لاسين ۾ پنهنجي شاندار دوُري ۾ مليو هو. هاٿي هو پنهنجي آزاديءَ کي ماٿي سگهيو ٿي جنهن کي هن 'پُهريُون زميني نعمتون' ڪوٺيو. ڪيس پنهنجي ضِدي پيءُ ڪان آزادي ملي، ڪيس مالي مشڪلاتن ڪان ڇوٽڪارو مليو ۽ وڏي ڳالهه ته پنهنجي سماجي ۽ ادبي سرگرمين ۾ پنهنجي پسند مطابق حصي وٺڻ جو ڪيس موقعو مليو. هو لندن ۾ وڃي رهيو ۽ هڪ شوقين ۽ فيشن واري ماٿهوءَ طور هن شهرت ماٿي. هو 'دي ڪلب' جو ميمبر ٿيو جنهن جا سرپرست ڊاڪٽر سئموئيل جانسن، مشهور پينٽر سر جوشئا رينالڊس، سياستدان ايڊمنڊ برڪ ۽ اقتصاديات جو ماهر آدم سمٿ هئا. ماٿهن تي سندس تاثر، مصنوعي ۽ اجائي ڏيکاوَ واري دنيا جي هڪ اهڙيَ ماٿهوءَ جو ٻيو جيڪو فرانسيسي طور طريقا اختيار ڪرڻ جو خواهشمند هو. سندس هٽ ۾ ناس جي ڊبلي، مَٺو وڏو، باندر جهڙو چهرو، نندي قد جو، پيٽ اڳتي نڪتل، ضرورت ڪان وڌيڪ ڊگهيون ٽنگون ۽ هميشه 'موسيو پوم ڊي ٽير' جي لقب سان سڏرائڻ جو شوقين هو. 1774ع ۾ هو پارليامينٽ جو ميمبر به ٿيو ۽ آمريڪا جي آزادي جي جنگ دوران، پنهنجو وٺ ڏيئي لارڊ نارٿ جي پاليسين جي حمايت ڪيائين، پر پنهنجي پهرين تقرير ڪرڻ جو به پاڻ ۾ پُوتو نه پانيائين.

1773ع ڪان هن تاريخ " روم جي شهنشاهت جو زوال ۽ خاتمو" تي باقاعدي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هن سلسلي ۾ پنهنجي شروعاتي مرحلن ۾ آيل مشڪلاتن جو ذڪر هو پنهنجي ' آتم ڪٿا' ۾ هينئن ٿو ڪري:

مختصر طريقي سان بہ هتي ورجائي نٿو سگهجي. آءٌ اُميد ٿو ڪريان تہ "روم جي شهنشاهت جو زوال ۽ خاتمو" جي ڪتاب جو ترجمو نہ رڳو سنڌ وارن پر دنيا ۾ جتي جتي بہ سنڌي رهن ٿا، اُنهن سيني لاءِ دلچسپي، علم ۽ ڄاڻ جي واڌاري جو باعث ٿيندو.

هتي هڪ وضاحت ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ "روم جي شهنشاهت جو زوال ۽ خاتمو" جو سڄو ڪتاب حقيقت ۾ پنجن جلدن تي مشتمل آهي پر جيڪو ڪتاب مونکي ترجمي لاءِ ڏنو ويو تہ اُهو انجو هڪ جُلدي اختصار آهي جنهن ۾ ڪيترن بابن جو فقط خلاصو پيش ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح هن جلد ۾ فقط 27 باب آيل آهن جن منجهان 11 بابن جو خلاصو ڏنو ويو آهي جيئن انگريزيءَ جي هڪ جُلدي ڪتاب ۾ پيش ڪيل آهي.

1056 صفحن تي مشتمل انگريزي ڪتاب جيئن تہ سنهي ۽ باريڪ فانٽ ۾ ڪمپوز ٿيل آهي تہ اهو ممڪن ڪون هو تہ هيڏي ساري ضخيم ڪتاب جي ترجمي کي هڪ جلد ۾ شايع ڪرائي سگهجي ها ڇو تہ محترم انعام شيخ، جيڪو جڏهن سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري هو ۽ جنهن اهو ڪتاب مونکي بورڊ ۾ پوسٽنگ جي بلڪل آخري ڏينهن ۾ ترجمي لاءِ ڏنو هو، سان شروعات ۾ ئي اهو طئي ٿيو هو تہ ڪتاب جو ترجمو ٻن جلدن ۾ شايع ٿيندو. ادبي بورڊ جي موجوده سيڪريٽري محترم زوار نقوي، جنهنجو هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ مونکي پرپور تعاون حاصل رهيو آهي، پڻ ان تجويز جي تائيد ڪندي چيو تہ جيئن تہ هڪ جُلدي ڪتاب تمام وڏو ۽ پڙهڻ لاءِ سهولت وارو نہ هوندو، تنهن ڪري ان کي ٻن جلدن ۾ شايع ڪيو ويندو. بهرحال ڪتاب جو پهريون جُلد حاضر آهي اميد ٿو ڪريان تہ ٻيو جُلد بہ ٿورڙي ئي وقت ۾ مڪمل ٿي سنڌي ادبي بورڊ کي شايع ڪرڻ لاءِ پيش ڪيو ويندو.

وما توفيقي اِلّا باالله.

علم جو طالب

عنايت بلوچ

پينٽ هائوس، ايس-ايم ريزيڊينسي،
گرين هومس، قاسم آباد،
حيدرآباد
آگسٽ، 2010

"شروعات ۾ شڪ ۽ انڌاري ۾ مبتلا هوس: ان حد تائين جو ڪم جو عنوان، شهنشاهت جي زوال ۽ خاتمي جو صحيح دؤر، تعارف جون حدون، بابَن جي ورهاست جو مسئلو ۽ بيانَ جي ترتيب ڪٿان ڪان شروع ڪجي. اِهي سڀ ڳالهيون ايتريون ته مُنجهائيندڙ هيون جو ڪيترا دفعا مون کي خيال آيو ته گذريل ستن سالن جي پورهئي کي جيڪر مان اڇلائي ڇڏيان." ان نقطي تي به ڪيس محنت ڪرڻي پئي ته سندس ڪم جو انداز ۽ طريقو ڪهڙو هئڻ گهرجي، ' هين گهٽن تجربن ڪرڻ کان پوءِ آخر مون هڪ سُست ۽ ماڻاڙَ واري طريقي ۽ سخت جوشيلي تقرير واري انداز جي وچ ۾ هڪ رستو ڳولي ڪڍيو.' هن پهريون باب ٽي دفعا ۽ ٻيو ۽ ٽيون باب ٻه ڀيرا وري وري لکيا. ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1776ع ۾ ظاهر ٿيو جيڪو بيحد ڪامياب ٿيو. برطانيه جي هن نالياورن مؤرخن ڊئوِڊ هيوم ۽ وليم رابرٽسن سندس ڪتاب جي گهڻي تعريف ڪئي. هن بابن يعني (15 ۽ 16)، جن ۾ هن عيسائيت جي اُپرڻ تي بحث ڪيو آهي، انگلنڊ جي چرچ ۾ هڪ هنگامو برپا ڪري ڇڏيو ۽ ڪيترائي ڪاغذ اُن خلاف ڇپيا. هڪ جذباتي مخالف پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو: 'سندس مقصد رڳو اهو آهي ته عيسائي مذهب جو زوال ۽ خاتمو اچي.' ۽ مدبر گبن پنهنجي ڪم ۾ لڳو رهيو ۽ ڪجهه سالن جو وقفو هُو ان انتظار ۾ رهيو ته وقت پاڻهئي سندس حفاظتَ ڪندو. ٽيٽ 1779ع ۾ تنگ نظر مذهبي نقادن خلاف سندس دانشوريءَ جي صلاحيتن جي مؤثر بچاءَ جو وقت اچي ويو. ساڳي سال هڪ ڏنڊي واري مالياتي بورڊ ۾ ڪيس هڪ اهڙي نوڪري انعام طور ملي جنهن ۾ ڪم گهٽ پر آمدني زياده هئي. اهڙيءَ طرح سندس مالي پوزيشن کي هٿي ملي وئي. اهڙي اعزاز جي موٽ ۾ هن، آمريڪي انقلاب کي گهٽ ڪرڻ وارين لارڊ نارٿ جي ڪوششن جو پنهنجي اثرائتين تحريرن ذريعي دفاع ڪيو.

1781ع ۾ هن زوال ۽ خاتمي، جو ٻيو ۽ ٽيون جُلد ڇپرايا جنهن ۾ وڌيڪ تفصيل شامل ڪري هُن ان کي مغرب جي شهنشاهت تائين وڃي پهچايو. 1783ع ۾ لارڊ نارٿ جي وزارت جي ڍهڻ ڪانپوءِ (۽ ان سان گڏ گبن جي انعام ۾ مليل نوڪري ب ڍهي وئي) هُو مالي بهتريءَ لاءِ انگلنڊ ڇڏي لاسين موٽيو جتي هن پنهنجي پراڻي دوست ڊيوَرڊن جي مدد سان پنهنجو گهر ٺاهيو جيڪا سندس اهڙي سهڻي ملڪيت هئي جنهن جنيوا جي ڍنڍَ ۽ ائلپس جبل ٻان هيٺ جهاتيون ٿي پاتيون. هُن هتي پنهنجا آخري ٽي جُلد مڪمل ڪيا، 1788ع ۾ مختصر عرصي لاءِ انگلنڊ ويو ته ڪتابن جي ڇپائيءَ جي ڪم جي نظرداري ڪري سگهي ۽ انهن جي مقبوليت ۽ شهرت جي خوشي ۽ منظر مان لطف اندوز ٿي سگهي، لاسين واپس وڃي هن پنهنجون يادگيريون لکيون. هڪ اهڙو ڪتاب جيڪو ارڙهين صدي جي آتم ڪهاڻين جي سَتَ ۾ بيحد شاهڪار آهي. سندس عمر جا آخري سالَ وقت جي ڏُنڊَ ۾ اُونداهاٿي ويا. سندس دوست ڊيوَرڊن گذاري ويو. فرانس ۾ انقلاب برپا ٿي ويو (جنهن لاءِ هن افسوس جو اظهار ڪيو ۽ جنهن جي وڌڻ ۽ پکڙجڻ جو سڌرلئنڊ ۾ ب خطرو پيدا ٿي ويو) ۽ سندس پنهنجي صحت ب بگڙڻ لڳي جوڪيس اندر جي عضون ۾ پاڻي پرجي ويو ۽ اُنهن ۾ سوجَ اچي وئي. هو 1793ع ۾ لنڊن واپس ويو جتي پنهنجي دوست هالرائڊ (هاٿي لارڊ شيفيلڊ) کي سندس زال جي وڇوڙي تي تسليون ۽ دلداريون ڏنائين ۽ پوءِ فقط 56 سالن جي عمر ۾ جنوري 1794ع ۾ پاڻ ب گذاري ويو. ڪيس فليچنگ سَسيڪس جي پئرش ڪليسا ۾ شيفيلڊ جي ڪٽنب جي ڊڪيل چبوتري ۾ دفن ڪيو ويو. اهو شيفيلڊ ئي هو جنهن گبن جي آتم ڪٿا، ٻيا ڪيترائي

کتاب ۽ ننڍا ننڍا مضمونَ ۽ خط چپرايا.

برطانيہ جي وکٽورين دؤر ۾ ڪتاب " زوال ۽ خاتمو" مذهبي تضادن جي باوجود تاريخ نويسيءَ جي هڪ عظيم شاهڪار طور تسليم ڪيو ويو. سينٽ پال جي ڊين ملمئن پنهنجي تفصيلي ڪتاب ۾، جيڪو 1838ع ۾ ڇپيو، گبن کي ڪافر ۽ بي دين ڪوٺيندي عيسائين جي جذبات کي سندس خلاف اُپاريو آهي پر جان هينري نيومئن، جيڪو مستقبل جو عيسائي ڪٽٽولڪ عهديدار هو، گبن جي ڪر جي سچائيءَ تي کيس دل کولي داد ڏنو آهي. جڏهن هن افسوس ڪندي 1845ع ۾ اها ڳالهہ مڃي آهي تہ ' اسان جو اڳواڻ، جيڪو هڪڙو ئي انگريز ليکڪ آهي جنهن کي پورو پورو حق ٿو پهچي تہ هو پاڻ کي هڪ ' ڪليسائي تاريخدان' سڏرائي تہ ' اهو آهي فقط لادين گبن.' جي. بي بَري پنهنجي هڪ وڏي ڇاپي 1900-1896 ۾ مڃيو آهي تہ اٺويهين صديءَ جي دانشورن گبن جي باهرئين ۽ سامهون واري ڏيک کي تہ پڄي ۽ پرزا پرزا پلي ڪيو هجي پر اصلي عمارت پنهنجي شانَ ۽ شوڪت سان اُتي جو اُتي قائم آهي ۽ ان کي ڪو نقصان نہ پهتو آهي."

" زوال ۽ خاتمو" کي هڪ " مڪمل ادبي عمارت " ڪوٺيندي ان کي بيحد ساراهيو ويو آهي. هن ۾ باريڪ بينيءَ جو اهڙو فن سمايل آهي جيڪو بيان جي وهڪري جو خوبصورت انداز پيش ٿو ڪري ۽ جنهن ۾ جيڪو ڪجهہ ٻڌايل آهي، پڙهندڙ تائين اوتري ئي اثرائتي انداز ۾ پهچي ٿو ۽ جنهن ۾ ڄاڻ جا اڻ ڪُٽ خزانا سمايل آهن. ڪارلائل لکيو تہ " گبن هڪ اهڙي پُل آهي جيڪا قديم زماني کي موجوده دؤرسان ملائي ٿي جيڪا گذريل وقت جي ظالمائين صدين جي ڏکوئيندڙ ۽ هنگامہ خيز وڻين جي وچ ۾ شاندار طريقي سان جُهومي رهي آهي." ونسٽن چرچل ٻہ سندس مداحن مان هڪ هو جنهن کيس بنا دير هندستان ۾ هڪ نوجوان برطانوي فوجي، سڏيو. " مون گبن کي ڪائي ۽ هضم ڪري ڇڏيو آهي" هن لکيو. " مون هر طرف ڪان ڪاميابي ۽ خوشيءَ سان مٺس سواري ڪئي آهي ۽ ڏاڍو لطف اندوز ٿيو آهيان." چرچل، ڊين ملمئن طرفان گبن جي مان مرتبي گهٽائڻ کي ٻہ نِندِيو آهي ۽ گبن جي ڪليل حمايت ڪئي آهي، ڊين ملمئن کي طنز مان پرهيزگار شوباز سڏيو ويو آهي، گبن جو نثر، جنهن جا پورا ٽڪرا هن دل سان سکيا، سندس تحريرن ۽ تقريرن تي يقيني طور دائمي اثر ڇڏيندو. اسان جي وقت ۾ جڏهن " زوال ۽ خاتمو" پوري جو پورو شايد ئي ڪٽي پڙهيو يا پڙهايو وڃي ٿو، پر گبن کي پڙهڻ لاءِ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو پنهنجي جاءِ تي خود هڪ وڏو تعليمي ۽ تدريسي تجربو آهي. آڪسفورڊ ۾ جديد تاريخ جي پروفيسر ريجنَس (80-1957) ۽ هُو ٽريوَر روپر (لارڊ ڊاڪر) پنهنجي غير ڊگري يافتہ شاگردن کي همٿايو تہ هو پنهنجي ذهني آسودگيءَ کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ لاءِ ۽ پاڻ کي تنگ نظري ۽ محدود مهارت جي خلاف جنگ جوٽڻ واسطي تيار رهڻ لاءِ گبن کي ضرور پڙهن. گبن پنهنجي ئي چوندِيل نظر ۽ ضبط جو پاڻ ئي پابندي ۽ مضبوطيءَ سان عمل ڪيو هو لکي ٿو. ' تاريخ جو تجربو اسان جي دانشوراڻي تجسُّس جي حدن کي وڌائي ٻہ ٿو تہ ٻلندين تي ٻہ وڻي وڃي ٿو.' (باب - 48).

ڪجهہ جديد مؤرخن 'زوال ۽ خاتمو' جهڙي موضوع تي، ماٿوڪلائڻ جي خطري کڻڻ کانسواءِ پنهنجا ويچار وندِيا آهن. گبن جي وقت ۾ تہ ايجا ٻہ شايد ممڪن هو تہ تيرهن صدين جي ڳالهہ ڪجي. اسان تہ فقط گذريل ٻہ سؤ سالن ۾ ئي مذڪوره صدين جي اهميت ۽ افاديت کي سمجهي سگهيا آهيون: انهيءَ ڪري گبن کي ان

موضوع تي آخري حرف نڏ چئي سگهجي. ۽ هُن بري طريقي سان مشرقي بازنطيني شهنشاهت کي نظر انداز کيو آهي، جيڪو ڪمزوري ۽ بدحاليءَ جو هڪ ناخوشگوار قصو آهي. (باب - 48) ان جي باوجود، مجموعي طور تي هو هڪ بي مثال شخص آهي ۽ مستقبل ۾ به رهندو. سندس علم ۽ ڄاڻ جي وسعت ۽ اونهائيءَ تي بنهه حيرت وٺيو ٿي وڃي ۽ هو ايڏا تائين واضح طور تي اعتبار ڪرڻ جي لائق آهي. جيڪي به بنيادي ذريعا يا سُراغ موجود هيا اُنهن مان پربور فائدو ورتائين ۽ مڪمل مهارت حاصل ڪيائين. هو 8000 کان مٿي ذريعا ٻڌائي ٿو جن ۾ نقشا، سِڪا، تمغا، نقش ۽ ان کان علاوه رائج لکيل شاهديءَ وغيره کي هن نه رڳو توري تکي ڏٺو وائڙو هو پر تمام ويجهي کان وڃي تنقيدي جائزو پڻ ورتو هٿائين جيئن سندس حاشياتي نوٽ وضاحت ڪن ٿا. بعد وارن تجربن، جديد دانشورن کي شايد ان قابل ٻڌايو ته هو سندس سچائيءَ ۽ صحيح حقيقتن مان نقص ڪڍن، جيڪي سندس همعصر نه ڪڍي سگهيا. هو مؤرخ جي سڀ کان پهرين ذميواريءَ سان سچو هو: ته پنهنجين حقيقتن جي صداقت تي سچائيءَ سان ڏيان ڏئي. هو وري ان قابل به هو ته اُنهن حقيقتن کي بيان جي چاشني ۽ چهراڻ سان ايڏو ته لذيذ ڪري جو ماٺهو مواد پڙهڻ جي چسڪي وٺڻ لاءِ مجبور ٿي پون.

گبن لاءِ بهرحال، تاريخ هڪ ڪليل بيان يا صحيح تاريخي حقيقتون ٻڌائڻ کان گهڻو ڪجهه مختلف هئي. توڙي جو هو اسان کي ٻئي تحفا ڏئي ٿو، روم جي زوال ۽ خاتمي جو داستان نه فقط اصل کان وڌي دلچسپ هو پر ان جي اهميت ۽ افاديت همعصر ماٺهن توڙي معاشري لاءِ تمام گهڻي هئي. روم جي زوال بابت سڄي خاڪي جا اهر نقطا سمجهائيندي توڙي ان جي باري ۾ پورا تفصيل ٻڌائيندي، هن ڇڻ موجوده دؤر جي ڳوڙهي اپياس ڪندڙ کي، ٻين معاشرن ۽ تهذيبن تي تباهيءَ جي پوَندڙ پاڇن ڏانهن به ڏيان ڇڪرايو آهي، ڇا تاريخ پاڻ کي دهرايو هو؟ ' زوال ۽ خاتمو' آمريڪي انقلاب ۽ روس ۾ پگاچوف جي بغاوت واري زماني ۾ لکيو ويو هو. ڇا آمريڪا جو نقصان، برطانيه جي شهنشاهت جي زوال جي پيشنگوئي ته نه هئي؟ ڇا روس ۾ ايشيائي قبيلن جي وڏي پئيماني تي بغاوت، مغربي ملڪن ۾ بربرن ۽ وحشين جي حملن جي نئين لهَر کي ته نه اُٽاريندي؟ گبن کي سُڌ هئي ته هُن دلين ۾ گهر ڪندڙ دلچسپي واري موضوع جو انتخاب اهڙي پيڙهيءَ لاءِ ڪيو هو جيڪي پنهنجن شاهڪارن کي پوڄيندا هئا ۽ پاڻ جيئن ته تهذيب جي بلند ترين معيارن جو پارکُو ۽ ان تي فخر ڪندڙ هو ته يقيني طرح شاهڪار تهذيب جي زوال لاءِ ڇڻ دلچسپي ٿي رکيائين. گبن ان زوال بابت ڪهڙو سبب يا دليل ڏنو؟ ٽورو پنٽي وڃي سندس آخري باب ڏسجي جنهن ۾ هو لکي ٿو: " مون بربريت ۽ مذهب جي فتح کي بيان ڪيو آهي." (باب - 71) هڪ بي مثال روشن خيالي ۽ سچي آزاديءَ جي پکي پختي آواز ڳالهايو: هڪ اهڙو ليکڪ جيڪو علم ۽ ڄاڻ جي عظمت ۾ غرق ۽ روم جي عشق ۾ مبتلا هجي، ان جي تاريخ، تعميرات جي نادر نمونن، علم ۽ ادب ۽ اُتان جي مهذب طور طريقن جو مداح هجي، يعني اُهي طريقا ۽ سليقا جيڪي ڏهين عرصي تائين مغربي يورپ، ويجهي مشرق ۽ اتر آفريڪا جي لاءِ سؤنهن ۽ سينگارَ جو باعث رهيا. شهنشاهت ۾ سَماج جا ڪيترائي مختلف ماٺهو ۽ طبقا هيا جيڪي حڪومت جي ساڳي سرشتي ۾ پاڻ ۾ متحد هيا، (باب - 2) ۽ هُن، زوال تي بيحد افسوس ڪيو جنهن جي سببن جي هن نهايت ئي باريڪ بينيءَ سان چنڊَ ڇاڻ ڪئي هئي.

هن کي خبر هئي ته هن جڙ هڪ رزميہ شاعري ڪئي هئي جنهن جو پنهنجو منفرد پئيمانو ۽ شان هو جيڪو ممڪن هو ته، خود قديمي شاهڪارن سان پيڇجي اچي (۽ اهڙين جديد تحريرن جيئن فيلڊنگ جو ٽام جونس جنهن جي تعريف ڪندي گبن ان کي 'لافاني شاهڪار' ڪوٺيو)، هو پنهنجي ان شُهرت مان لطف اندوز ٿي رهيو هو جيڪا ''زوال ۽ خاتمو' ڪيس 'روم جي شهنشاهت جو مؤرخ' جي لقب سان بخشي هئي ۽ هن کي يقين هو ته سندس نالو دائمي نيڪ نامي جي ساکَ ماڻي وٺندو. پنهنجي آتر ڪٿا جي هڪ هي يادگار ٽڪري ۾ هو هڪ ڊرامائي انداز ۾ پنهنجي ساراهہ جوڳي ڪم جي راس ٽيڻ تي اسان کي ياد ٿو ڏياري ته:

" هڪ تصور ڪندي، مون شروعاتي عمل (حمل ٽيڻ) جو وقت لکي ڇڏيو هو. هاڻي آئون پنهنجي نجات (ٻار جڻ) جون آخري گهڙيون ڏوم ڏام سان ملهائيندس. اهو 27 جون 1787ع جو ڏينهن يا شايد رات هئي، يارهن ۽ ٻارهن جي وچ وارو وقت هو. جڏهن مون پنهنجي باغيچي جي ڪليل گهر ۾ آخري صفحي جون آخري سٽون لکيون، پين کي هيٺ رکي، مون پنهنجي پينگهي ۾ ڪيئي ڀيرا پاسا بدلايا يا وري ٻَٻُرن جي وٽن ۾ قدم ڪڍندو رهيس جيڪي ڏينڊ ۽ جبلن سميت ملڪ جي سڃاڻپ آهن. هوا موافق ۽ متعدل هئي، آسمان صاف هو، چانديءَ جهڙي چنڊ جو خوبصورت دائرو پاڻيءَ مان ڇهرمر لايون بيٺو هو ۽ جڙ پوري خدائي خاموش ۽ سانتيڪي هئي. آئون پنهنجي آزادي حاصل ڪرڻ تي ۽ شايد شهرت ملڻ تي پڻ، پنهنجا پهريان خوشيءَ جا جذبات اوهان کان لڪائي نہ سگهندس، پر منهنجي فخر وارو جذبو جلد ئي ڪمزور ٿي ويو ۽ هڪ مانيٽي دردَ جو احساس ذهن ۽ سوچن کي وڌ ويڑهيءَ جيان وکوڙي ويو: جڏهن اهو خيال آيو ته مون ته پنهنجي پراڻي وفادار ۽ موافقت رکندڙ ساڻيءَ کان هميشہ واسطي موڪل وٺي ڇڏي هئي ۽ باقي منهنجي تاريخ جي جيڪا به ايندڙ وقت ۾ تاريخ اچي ته اهو وسارڻ نہ گهرجي ته هڪ مؤرخ جي حياتي يقيني طور تي ننڍي ۽ غير يقيني هوندي."

گبن، توڙي سندس اُنهن وڏن مصنفن لاءِ، جن جي هن تعريف ڪئي آهي، طرفان لکڻ هميشہ لاءِ هڪ شعوري فنڪاريءَ جو ڪر هو. 'زوال ۽ خاتمو' مان هن رومي مادل ڳولي ڪيا جيئن سسيرو ۽ ٽئسيٽس، خطابت ۾، فصاحت ۽ بلاغت جون روايتون، جديد دؤر جي ادب جون نزاڪتون ۽ ناٽڪي ۽ ڊرامائي ميڙاکن جي سلسلي ۾ ڪيس ڪاميابي ٿي. 'زوال ۽ خاتمو' جي موضوعَ کي هو ' وڏي ۾ وڏو يا تمام وسيع، يا شايد انسانذات جي تاريخ جو خطرناڪ منظر' ٽوڪيو (باب - 71) ۽ هن پنهنجي ڏيان جي واڳَ جو رخ، اَڪِ، ڪنن، فهم ۽ ادراڪ ۽ پڙهندڙن جي جذبات ڏانهن ڦيرائيندي لکيو. سي - ايس ليوس سندس تحرير لاءِ ' پُل جو ڪر ڏيندڙ يا هڪ ٻئي سان ملائيندڙ' جملا ڪر آندو آهي. هو پنهنجو نثر پهريون پنهنجي دماغ ۾ ڏاڍي هوشياري ۽ خبرداريءَ سان ترتيب ڏئي، اُتي ئي ان کي هر لحاظ سان مڪمل ڪري پوءِ ڪاغذ تي تحرير ڪندو هو. هو اسان کي پنهنجي يادگيرين ۾ ٻڌائي ٿو ته، ' اهو سندس بي بدل معمول هوندو هو ته، هڪڙي ئي سانچي جو هڪ ڊگهو ٽڪرو لکي وٺندو هوس، پوءِ ان کي پڙهي پنهنجي ڪنن سان ٻڌندو هوس، پوءِ ان کي پنهنجي ياد جي حوالي ڪندو هوس ۽ پين جو ڪر تيستائين بند رهندو هو جيستائين آءُ پنهنجي ڪم کي آخري پيرو ڏسي سنواري ۽ سڌاري سگهان.' هُو پنهنجي تحريرن لاءِ اندازو ٿو لڳائي ته سندس پڙهندڙن جي سوچ ۽ هن سان ملندڙ جلندڙ آهي ۽ هو ۽ بيحد ذهين ۽ نزاڪت پسند آهن. جڏهن سندس تحرير جا احتياط سان تيار ڪيل ۽ تراشيل

ٽڪرا جتي ختم ٿين ٿا تہ اُهي داد ۽ آفرين بہ پاٺهي وصول ڪن ٿا. " هڪ مصنف جي لکڻ جو انداز سندس ذهن جو عڪاس هوندو آهي، " هن چيو ۽ پوءِ هڪ منفرد ليکڪ جي آواز ذريعي، جيڪو فڪر انگيز، سوچ ويچار وارو، پُر اعتماد، بااختيار، مُدلل ۽ فيلسوفياڻو آهي، هو جلدي پنهنجي پڙهندڙ سان بي تڪلفيءَ سان گڏ شائستگيءَ جو رشتو جوڙي ٿو ڇڏي. پنهنجي تحريري مواد تي سدائين اعتماد ڪندي، گذريل ڪيترن ئي صدين ۽ بيشمار ملڪن ۽ ماڻهن بابت يقين واري لهجي ۾ پنهنجي پڙهندڙ جي رهبري ٿو ڪري ۽ ڪيس سمجهائي ٿو تہ ڪهڙي شيءَ توجہ لائق آهي ۽ ڪهڙي بيڪار ۽ بيسود، ۽ 'روشن خيالي' جي سلسلي ۾ ماضيءَ جي واقعن کي خيال ۾ رکندي نئين سوچ ۽ فڪر کي اڳتي آڻڻ ۽ تاريخ جي وهڪري کي موجوده دؤر جي گهرجن مطابق موڙڻ تہ جيئن ان ۾ تازگي محسوس ٿئي. اسان 'زوال ۽ خاتمو' خاص طرح ان ڪري بہ پڙهون ٿا تہ گبن جي مخصوص ذهني سانچي ۾ پاڻ کي وجهي سگهون ۽ سندس منفرد تجربن ۽ مشاهدن ۾ اسين بہ حصيدار ٿيون. ٽريور روپر هن لاءِ چوي ٿو: "هو روشن خياليءَ جي تحريڪ جو وڏو ۾ وڏو تاريخدان آهي."

گبن کي پڙهڻ جو لطف اهو بہ آهي تہ هن ۾ مزاح گاڏڙ طنز گهٽي آهي. هِن لاءِ ضروري آهي تہ لطف ۽ مزي ماڻڻ جو فن ايندو هجي ۽ سندس موضوع ۽ عنوان کي ڏسي پوءِ خوش ٿيڻ ۽ ڪِلڻ ڪِلائڻ جي هنر ۾ مهارت هجي. باب - 7 ۾ شهنشاهہ گورڊئن جو ذڪر ڪندي هو ان انداز ۾ لکي ٿو جنهن کي فقط ' گبن جو جملو' ئي چئي سهگجي ٿو. ڏاڍي اطمينان، عمدگي ۽ سهٽي نموني سان توريل تڪيل، تِکو ۽ آخر ۾ مٺو زهر ملائي هينئن ٿو لکي: " هاويهَن نالي وارين سُريتُن، (رکيل عورتن) ۽ باهٺ هزار ' جلدن جي لائبريري' سندس رنگ برنگي ارادن ۽ لاڙن جي وجي تصديق ڪئي، پنهنجي پيشڪشن، جا جيڪي نمونا هن پويان ڇڏيا آهن، ان مان ظاهر ٿو ٿئي تہ پهريُون توڙي پويُون ٻيئي ڏيکاوَ جي بجاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ رکيل هيون."

گبن پنهنجي زبان تمثيلي طور اُنهن جملن جي ارد گرد ٽوڪيرائي (جن جو پورو لطف حاصل ڪرڻ لاءِ اُنهن کي) وڏي آواز سان پڙهڻ جي ضرورت آهي. ۽ سندس ساڳي استعاري جو اوچتو استعمال، "پيشڪشون" هن مختلف شين لاءِ: (ڪتابَ ۽ حرامي هارَ) بيساخته ٽهڪَ ڏيڻ تي مجبور ڪري ٿو. خاص طور تي ان وقت جڏهن سندس لکل پوڳ جو انڪشاف جملي پوري ٿيڻ تي ٿئي ٿو. هن قسم جو پوڳ چرچو گبن جي آواز جي انداز جو هڪ سٺو مثال آهي، ۽ مزاح جو مظاهرو بہ اهڙو جنهن ۾ شائستگي سمايل هجي ۽ پڙهندڙ کي، علحدگي جي ڪيفيت ڇاڻڻ لاءِ هڪ ڳجهي رشتي جوڙڻ لاءِ آماده ڪري ٿو. اسان کي ساڳي قسم جو مزاح سندس ڪيترن ئي حاشين ۾ ملي ٿو جتي هو سادڙن ۽ چيڪرن ايڊيٽرن سان مزي ۽ تماشي واري راند رچائي ٿو يا وري کين بادشاهن يا شهنشاهہ زادين جي عيش و عشرت جا قصا ٿو ٻڌائي جيڪي سندس هوليءَ جي ڪمال ذريعي اڃ ڇڻا ٿي پردن پٺيان لڪي وڃن ٿا. (باب - 40).

ٻي هنڌ وري پنهنجي طنز ۽ مزاح کي ڪٽي سنجيده تہ ڪٽي تخريبڪاري جهڙن موضوعن لاءِ استعمال ٿو ڪري. ٻيو شايد ڪٽي بہ نہ پر مذهب ۽ عيسائيت بابت سندس ڪيل بحثن ۾ گبن جي طنز ۾، جيڪو ڪجهہ هو چوڻ چاهي ٿو، نہ تہ ان تي اعتبار ڪجي ۽ اهو بہ ضروري ناهي تہ اهو سمجهجي تہ جيڪو ڪجهہ هو چوي ٿو،

ان جو مطلب هروپرو ان جي ابتڙ هوندو ها. اهو ضرور ڪائنس پڇجي ته اسان جيڪو ڪجهہ سوچيون تا، ان بابت سندس راءِ يا مطلب ڇا آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو ته شين ڪي تنقيدي نظر سان ڏسڻ لاءِ سندس راءِ سان شامل ٿجي. سندس نيت جيڪا سندس لهجي مان پکڙجي پئي: نتيجي ۾ جيڪا ڳالهہ سامهون آئي سا دلچسپ هئڻ سان گڏ ڪن رازن تان ٻہ پردو هٽائي ٿي. ان مان اسان کي گبن جي باري ۾ توڙي، روشن خيالي جي دؤر جي رڄين جي ٻہ خبر پوي ٿي ۽ اُنهن معيارن جي پڻ جتان ان وقت جا ناميارا مدبر ماضيءَ جي قدرن ۽ زاوين کي ڏسندا هئا (اڪثر هيڻ ڏسندا هئا) سندس رايا اُهي آهن جن جا حوالا هڪ فيلسوف جي حيثيت ۾، هو اڪثر ڏيندو رهندو آهي، فيلسوف جنهن کي سندس وقت ۾، فلاسافي چيو ويندو هو يا اُهو جنهن روشن خياليءَ جي ڏيڪ ويڪ، دليلن، بهبود ۽ پلائيءَ جي نظريي ۽ رحمدلي جي مختلف پهلوئن ۾ حصو ورتو هجي.

ٻيو مثال ونو. (باب - 15) ۾، اڳوڻن عيسائين جي دعويٰ، تہ مُرده وري جيئرا ٿيندا، ۽ ان دعويٰ کي هڪ گريشين ماڻهو رد ڪيو، تي بحث ڪندي هن لکيو:

" .....انهن فيلسوفن جي شڪ ۽ بي اعتقاديءَ جو سبب پڇڻ مشڪل تو لڳي جيڪي اڄا تائين مُردن جي ٻيهر زنده ٿيڻ واري فلسفي کي نہ رڳو رَد ڪن تا پر ان تي ٺٺوليون ڪندي ڪلن تا. گرئشيا جي هڪ معزز ماڻهو هن سڄي اختلافي مسئلي کي حل ڪرڻ جو بنياد هي ٻڌايو ۽ ائٽنئڪ جي پادري ٿيوفيلس سان واعدو ڪيو تہ 'جيڪڏهن ڪيس کي هڪڙو ماڻهو ٻہ ڏيڪاري مطمئن ڪيو وڃي تہ اُهو مُئلن منجهان ڪَر ڪٽي اُٿي آيو هو، تہ هو بنا دير عيسائيت جو مذهب اختيار ڪندو.' اها ڳالهہ، بهرحال غور طلب آهي تہ پهرين مشرقي چرچ جي پادري، پنهنجي دوست جي عيسائيت طرف منتقليءِ لاءِ منتظر رهڻ جي باوجود، اِن ۾ پنهنجي خيريت سمجهي تہ اهڙي مناسب ۽ معقول للڪار جي مقابلي ڪرڻ کان هن لَنوائي ڇڏيو.

گبن جي ڪلائيندڙ سنجيدگي، (" شڪ ۽ بي اعتقادي جو سبب پڇڻ مشڪل تو لڳي، ") تعريف لائق آهي جيڪا وري ٻہ هڪ مرڪزي نقطي تي اسان جو توجہ ڇڪرائي ٿي جنهن لاءِ سندس زندگيءَ ۾ توڙي پوءِ ڪيس تنقيد جو نشانو بنايو ويو. هن عيسائيت خلاف ڳجهن لفظن ۽ تهذيب جي دائري اندر حملا ڪيا، پر بهرحال بعد ۾ سندس ٿي طنز ۽ مزاح جي خوبصورت جملن ذريعي اُنهن کي نالي ماتر لڪايو ويو. سنجيده ۽ سمجهہ وارن لاءِ تہ اُنهن جملن جو مفهوم صاف هو پر مذهبي ماڻهن لاءِ اُهي ناگوار ۽ توهين آميز هيا. سندس گهڻن نقادن مان هڪ نالياري عيسائي شخص آرڪديڪن پئلي هن لاءِ چيو: " ان شخص کي ڪير غلط ثابت ڪندو جيڪو خود نفرت جو مجسمو آهي؟" جيتري قدر اسان ڇئي سگهون ٿا تہ گبن ڏهريو نہ هو. مثال طور، (باب - 50) ۾ اسلام جي باري ۾ سندس خيال ان ڳالهہ طرف اشارو ڪن تا تہ هو شايد هِڪَ خدا ۾ يقين رکندو هو ۽ اخلاقيات جي آفاقي نظام جو حامي هو. هن جديد عهدنامي ۾ ڏنل اخلاقيات جي نظرين جي تعريف ڪئي آهي. هڪ تاريخدان جي حيثيت ۾، هو، تاريخ ۾ مذهب جي اهميت کي گهٽ ڪرڻ کان تمام پري رهيو. اسلام سميت هن جي ٻين مذهبن جي باري ۾ ڄاڻ ٻہ تمام وسيع هئي. ساڳي وقت هو مذهب ۾ ڪٽرپڻي، جذباتيت ۽ جنون (جيئن هن لکيو آهي) جي سخت خلاف هو. جنهن کي هو غير منطقي ۽ نقصانڪار سڏيندو هو. هن کي يقين هو تہ رومي رياست جا سماجي قدر جن جي هن تعريف ڪئي هئي ۽ جيڪي شهنشاهت ۾ ڪافي عرصي تائين سلامت رهيا هيا، اُهي عيسائيت جي ايڙ سان گهٽي ياگي پنتي ٿي ويا ۽ فوجي جذبي جون آخري نشانيون ٻہ راهبن جي خانقاهن ۾ دفن ٿي ويون. (باب - 38)

اهو صحيح هو ته تاريخ ۾ عيسائيت توڙي ٻيا مذهب ڪن خاص سماجي توڙي سياسي طور نهايت ئي فائديمند رهيا آهن ۽ هوشيار حاڪمن عوام جي جوش ۽ جذبن کي ڪاميابيءَ سان پنهنجن ڪن خاص مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو آهي، هن سڄا سارا ٽي بابَ، عيسائيت جي اپرڻ جي تجزيي ۽ آخر ۾ چوٿين صدي عيسوي ۾ شهنشاهه ڪانسٽنٽائن طرفان عيسائيت کي روم جي شهنشاهت جي سرڪاري مذهب طور منظور ڪري ڇڏڻ بابت لکيا آهن. پر هو ڪنهن به مذهب کي سچو نه سمجهندو هو. عيسائيت جنهن کي هڪ اداري جي شڪل ڏني وئي هئي، ان لاءِ دنياداري توڙي غير دنياداري، ٻنهي جي قرباني ڏيڻ جو سخت مخالف هو ۽ ڪيترن ئي روَين جي خلاف واضح طور تي کيس نفرت هئي جن جي مشهور مذهبن حمايت ۽ پنيرائي ڪئي هئي. هو ان ڳالهه تي ناراض ۽ ڏاڍو بي صبرو ٿي ويندو هو ته ماٿهو تمام ننڍڙين ۽ معمولي ڳالهين تي ٻين جا عيب ڪيندا هئا جنهن ڪري اجاين ڳالهين ڏي توجه ڏيڻ سبب، عيسائي دنيا جون وفاداريون ورهائجي ويون: هو اُنهن عيسائين کي ڏِڪاريندو هو جيڪي پنهنجو عقيدو يا مذهب متائي ڇڏيندا هئا ۽ اِن تي به سخت ڪاوڙبو هو ته هو پنهنجن عقيدن کي پنهنجي اندر پيا لڪائيندا ۽ دٻائيندا هئا ۽ خانقاهن جي پادرين ۽ راهبائن جي مصنوعي پاڪدامنيءَ کان به کيس سخت نفرت هئي جنهن لاءِ هُن انڪشاف ڪيو ته اهو عمل فرد لاءِ اذيتناڪ ۽ انسانذات لاءِ بيسود ۽ بيڪار آهي. (باب - 20) معجزا، ڪشفَ ۽ ڪرامتون، تَبرُّڪ، ويراڳي، سنياسي (تارڪ دنيا) ۽ غير معمولي حرڪتون جيئن نفس مارڻ، شهيد درويشن جو تيزيءَ سان وڌڻ ۽ پکڙجڻ سندس ظرافت ۽ ذهانت جا پسنديده موضوع رهيا آهن. جيڪو سندس ٻيو نقاد هو، شڪايت ڪئي آهي ته: 'سندس انسانيت کي مشڪل سان آرام نصيب ٿئي ٿو سواءِ ان جي جتي ڪُنوارين چوڪرين کي بدڪاريءَ لاءِ اغوا ڪيو وڃي ٿو يا جتي عيسائي شهيد ٿين ٿا.'

گبن کي بربر حملہ آورن لاءِ به ايڏا گهٽو ڪجهه چوَٽو آهي جن صدين جون صديون سڄي شهنشاهت کي پنهنجن لڳاتار حملن جو نشانو بنايو هو: ساڳي وقت جرمن قبيلا، گاٿ، هُنَ (ايشيائي قبيلا) وٽندل (جرمن نسل جا فرد) عرب ۽ ترڪيءَ جي سلجوقن لاءِ به لکٹو اتس. اها ڳالهه تعريف جوڳي آهي، ته انسانذات جي بيشمار ۽ مختلف قومن ۽ قبيلن جو هُن بيحد ڳُوڙهو مطالعو ڪيو ان ڪري هن ساڳين مضمونن ۽ بيانن کي دهرائڻ کان پاسو ڪري هڪ نمايان ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، هن جي بيان جي انداز ۽ تاريخ جي فن ۾ مهارت جي پي اهر خوبي سندس حقيقتن کي پيش ڪرڻ جو توازن آهي، جيئن ئي هو پنهنجن بنيادي ذريعن جي تورَ تَڪ ڪري ٿو، تيئن هو وڏي خبرداريءَ سان مواد جي چنڊَ چاڻَ ۽ ان جي تاريخي لحاظ سان پرک ڪري پوءِ پنهنجن ماپيل تورين نتيجن کي پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري ٿو. هو پنهنجي رنگين نثر نگاريءَ ۾ اُنهن پيچيدگين ۽ تضادن جو به ذڪر ڪري ٿو جيڪي بربرن جي تلخ تجربن ۾ روم سان ڇڻ لازم ملزوم هيا، پنهنجي شاهڪار طبعي ترجيح مطابق هو اسان جي آڏو پراٽين قبائلي سوسائٽين جا مختلف نمونا پيش ٿو ڪري جيڪي پنڌتي پيل، ظالم، جاهل ۽ وهمن وسوسن ۾ وکوڙيل آهن ۽ هو اُنهن لاءِ پنهنجي ٻُڌان ۽ نفرت کي هرگز نٿو لڪائي، هن کي رُوسيو لاءِ ڪا همدردي ڪانه هئي نڪي 'معزز جهنگلي' جي ڊِؤنگ واري لقب سان سندس تعلق هو. ساڳي وقت اوائلي دؤر جي سوسائٽين جي مخصوص خاصيتن جيئن قدرت طرفان عطا ٿيل سندن سگهَ ۽ توانائي، آزاديءَ لاءِ فطري پيار ۽ قبائلي وقار جي احساس بابت هو ڪمال جي بي رياڻي ۽ پوري سچائيءَ سان سندن بهري ونڊ بابت پربور طريقي سان بيان ڪري ٿو. اهڙين سُٹين خاصيتن کي هُو، سندن ڪاهليءَ جي تضاد ۽، تخليقي قوتن ۽ اصليت جي گهٽتائيءَ جي خامين سان پيٽي ٿو. جيڪي رومي شهنشاهت جي سوسائٽيءَ ۾ هُن، ائٽوننز جي بهتر دؤر ۾ به، نمايان طور

تي منجهن ڏنيون هيون ۽ " هي دنيا جي تاريخ جو اُهو دؤر هو جڏهن انساني نسل بيحد خوشحال ۽ سُکيو ستابو هو.." (باب - 3) امن، قانون ۽ تهذيب جي ظاهري نعمتن جي واضح اقرار ڪرڻ جي باوجود، گبن جي نظر ۾، "روم جي سوسائٽي، پنهنجي سياسي آزادي وڃائڻ جو سمجهوتو ڪري ورتو هو ۽ پوري طاقت ۽ پختگي حاصل ڪرڻ بعد، هاڻي گويا زوال طرف وڃڻ جا سانباها ڪرڻ لڳي." (پهرئين چار ورقِي ڇاپي جي جلد - 1 جو مهاڳ) رومي دنيا جا ماڻهو يقيني طور تي ڇامڙن جو نسل هئا. گبن سڄي شهنشاهت جي شهرين لاءِ نفرت جو اظهار ڪندي چوي ٿو. ان ڪانپوءِ متن حملي ڪندڙ جرمنيءَ جا ماڻهو چٽيءَ طرح ۽ وڏي واکي کين چوَن ٿا ٿ: " جڏهن اُتر جا خطرناڪ جانڻا جوان سندن صفن ۾ زوريءَ ڪاهي پيا تہ ڪمزور ۽ حقير نسل کي سبق سيکاري نيڪ ڪيائون." اُنهن آزاديءَ بابت مردانگيءَ وارو جذبو منجهن جاڳايو ۽ ڏهن صدين جي انقلاب ڪانپوءِ 'آزادي - هڪ خوبصورت، ذوق شوق ۽ سائنس، جي خوش ٿيندڙ وارث بڻجي وئي.' (باب - 2) گبن لاءِ سياسي آزادي تمام وڏي اهميت واري دولت هئي ۽ سندس راءِ موجب ان کي نئين زندگي بربرن ئي بخشي هئي. بربري طاقت جو داخل ٿيڻ جديد يورپ جي جياپي جو لازمي جُز بڻجي ويو. اُنهن جي قبيلائي چٽا پيٽي ۽ بربرن جي اوائلي فطري ۽ جِبلِي صفت، خودمختيار ۽ هڪ ٻئي سان برابري ڪندڙ رياستن کي جنم ڏنو جيڪي اڄتي هلي، تخليقي چٽا پيٽيءَ جي عمل ۾ ڪير ڪندِ ٿي، پاڻ ۾ گڏ رهڻ لڳيون جو تہ غلاميءَ مان آزادي وٺڻ ئي اصلي ۽ سچي آزادي هئي جنهن کي سياسي توڙي دانائيءَ واري آزادي پڻ چيو ويو. جنهن کي گبن، سندس ڏينهَن جي برطانيہ جي تهذيب جو وڏي ۾ وڏو انعام ڪوٺيو.

فهرست

	عنوان	صفحو
باب پهريون	اينٽونئنز جي دور ۾ روم جي شهنشاهت جو دائرو ۽ ان جي فوجي طاقت	19
	باب پهريون: حاشين بابت وضاحتون	38
باب ٻيو	اينٽونئنز جي دور ۾ روم جي شهنشاهت جي ايڪي ۽ اندروني خوشحاليءَ جي باري ۾	46
	باب ٻيو: حاشين بابت وضاحتون	70
باب ٽيون	اينٽونئنز جي دور ۾ روم جي شهنشاهت جي آئين جي باري ۾	79
	باب ٽيون: حاشين بابت وضاحتون	97
باب چوٿون	ظلم، حماقتون ۽ ڪمودس جو قتل- پرٽينئڪس جي اليڪشن- رياست جي سڌاري لاءِ سندس ڪوششون- بادشاهه جي محافظن هٿان سندس قتل	103
	باب چوٿون: حاشين بابت وضاحتون	120
باب پنجون	ڊائڊيس جولئينس کي بادشاهه جي محافظن طرفان بادشاهت جو کليل وڪرو- برطانيه ۾ ڪلوڊيس البينس- شام ۾ پسينيس نائجر ۽ پنونيا ۾ سيپٽيميس سيورس- پرٽينئڪس جي قاتلن خلاف ڪليو اعلان ڪن ٿا- خانه جنگيون ۽ سندس ٽن محافظن خلاف سيورس جي سوٽ- ضابطن جي ڊرائي- حڪومت طرفان نوان اصول ۽ ضابطا.	125
	باب پنجون: حاشين بابت وضاحتون	143
باب ڇهون	سيورس جو موت، ڪئراڪالا جي ڏاڍائي- بادشاهت تي مئڪرينس جو زوريءَ قبضو- الاگابئلس جون حماقتون- سڪندر سيورس جون چگايون- فوج جي شهواني عياشي- روم جي مال ۽ ناٽي جي ظاهري حالت	149
	باب ڇهون: حاشين بابت وضاحتون	181
باب ستون	مئڪسيمن جي ترقي- سندس ظلم ۽ آمريت- سينيٽ ۽ حڪمن هيٺ آفريڪا ۽ ائلي ۾ سياسي وڙوڙ- خانه جنگيءَ	

	بغاوتون- مئڪسيمن، سندس پٽ ۽ مئڪيمس، بيلبينس ۽ ٽن گورڊينس جو بيدرديءَ سان قتل- قبضو ۽ فلپ جون آزادانہ راندیون.	
	باب ستون: حاشين جون وضاحتون	213
باب اڻون	اردشير (ارٽئڪسزرئڪسس) جي موروثي حڪومت جي بحاليءَ کان پوءِ فارس جي حالت	219
	باب اڻون: حاشين بابت وضاحتون	232
باب نائون	ڊيسيس بادشاهہ جي وقت ۾، بربرن جي حملي تائين جرمني جي حالت	238
	باب نائون: حاشين بابت وضاحتون	257
باب ڏهون	(خلاصو) بادشاهہ ڊيسيس- گئلس- ايميلئنس- وئلرئن ۽ گئليئنس- بربرن جي حملي جو هر وقت خطرو- ٽيهہ آمر حڪمران	264
باب يارهون	(خلاصو) ڪلاڊيس جي حڪومت- گاٿن جي شڪست- سوپون- شادمانا ۽ آريلين جو موت	264
باب ٻارهون	(خلاصو) آريلين جي مرڻ کان پوءِ فوج ۽ سينيٽ جو ڪردار- ٽئسيٽس، پروبس، ڪئرس ۽ سندس پٽن جي حڪومت	265
باب تيرهون	ڊائڪليشين ۽ سندس ٽن ساٿين، ميڪسمين، گئلريس ۽ ڪانسٽئنٽيس جي حڪومت- امن ۽ سڪون جي عام بحالي- فارس جي جنگ، سوپ ۽ خوشي- انتظام هلائڻ جو نئون طريقو- ڊاڪليشين ۽ مئڪسيمين جي تخت تان هٿ کڻڻ ۽ سندن واندڪائي	266
	باب تيرهون: حاشين بابت وضاحتون	299
باب چوڏهون	(خلاصو) ڊائڪيليشين جي تخت ڇڏڻ کان پوءِ تڪليفون- ڪانسٽئنٽيس جو موت- ڪانسٽئنٽائن ۽ مئڪسينٽيس جي ترقي- ساڻئي وقت تي ڇهہ شهنشاهہ- مئڪسيمين ۽ گئلريس جو موت- مئڪسينٽيس ۽ لسينيس خلاف ڪانسٽئنٽائن جون سوپون- ڪانسٽئنٽائن جي فرمان هيٺ شهنشاهت جو ٻيهر متحد ٿيڻ.	310
باب پندرهون	عيسائي مذهب جو واڌارو ۽ اوائلي عيسائين جا جذبا، طور طريقا، تعداد ۽ سندن حالتون	311

	باب پندرهون: حاشين بابت وضاحتون	362
باب سورهون	نيرو کان ڪانسٽينٽائن جي دؤر تائين روم جي حڪومت جو عيسائين سان ورتاءُ	381
	باب سورهون: حاشين بابت وضاحتون	432
باب سترهون	(خلاصو) قسطنطنيہ جو بنياد- ڪانسٽينٽائن ۽ سندس جانشين جو سياسي جوڙجڪ- فوجي نظر ۽ ضبط- محلات- مالياتي معاملہ	453
باب ارڙهون	(خلاصو) ڪانسٽينٽائن جو ڪردار- گاٿن جي جنگ- ڪانسٽينٽائن جو موت- سندس ٽن پٽن ۾ شهنشاهت جي ورهاست- فارس جي جنگ- ننڍي ڪانسٽينٽائن ۽ ڪانسٽنس جو ڏکوئيندڙ موت- مئگنينٽيس جو اقتدار تي زوريءَ قبضو- خانہ جنگي- ڪانسٽينٽيس جي سوپ	453
باب اٺويهون	(خلاصو) ڪانسٽنيٽس هڪڙوئي شهنشاهہ- گئلس جي ترقي ۽ سندس موت- خطرو ۽ جولين جي ترقي- سرماٿينس ۽ فارس جون جنگيون- گال ۾ جولين جون سوپون	454
باب ويهون	ڪانسٽينٽائين جي مذهبي تبديلي، ان جو واڌارو ۽ اثر، قانوني سرشتو ۽ عيسائي يا ڪٿولڪ ڪليسا جو آئين	455
	باب ويهون: حاشين بابت وضاحتون	485
باب ايڪيهون	لامذهبن کي ايذاءَ ۽ تڪليفون- عيسائي فرقن ۾ مذهبي ڦوٽ- آريائي اختلاف- ايٿنئيسيس- ڪانسٽينٽائن ۽ سندس پٽن جي دؤر ۾ ڪليسا توڙي شهنشاهت جي ويڳاڻي حالت- لامذهبيت کي برداشت ڪرڻ	503
	باب ايڪيهون: حاشين بابت وضاحتون	551
باب ٻاويهون	(خلاصو) گال جي فوجين طرفان جولين کي شهنشاهہ تسليم ڪرڻ جو اعلان- سندس پيش قدمي ۽ ڪاميابي- ڪانسٽينٽيس جو موت- جولين جو عوامي ۽ شهري انتظام	573
باب ٽيويهون	جولين جو مذهب- آفاقي مذهبي آزادي- لامذهب عبادتن جي بحالي ۽ انهن جي سڌاري لاءِ سندس ڪوششون- جيروسلم مندر کي ٻيهر تعمير ڪرائڻ- مڪاريءَ سان عيسائين کي اذيتون رسائڻ- مذهبي جذبو ۽ ناانصافي.	574
	باب ٽيويهون: حاشين بابت وضاحتون	

باب چوويهون	ائنٽئڪ ۾ جولين جي رهائشگاهه- فارس جي خلاف سندس ڪامياب مهر- دجلا جو گذرگاهه- جولين جو پٺ تي هٽڻ ۽ سندس موت- جووين جي اليڪشن- هڪ ذلت آميز صلح نامي ذريعي هو روم جي فوج کي بچائي ٿو	624
	باب چوويهون: حاشين بابت وضاحتون	663
باب پنجويهون	جووين جي حڪومت ۽ سندس موت- وئلينٽينين جي اليڪشن جيڪو پنهنجي پاءُ وئلنس سان ملي، اوپر ۽ اولهه جي شهنشاهتن جي قطعي ورهاست ڪري ٿو. پروڪوپيس جي بغاوت- شهري ۽ ڪليسائي انتظام- جرمني- برطانيه- آفريڪا- مشرق- دنيوب. وئلينٽينين جو موت- سندا ۾ پُٽ: گرئشين ۽ وئلينٽينين- II اولهه واري شهنشاهت ۾ ڪاميابي حاصل ڪن ٿا	681
باب چويهون	ريڊار ۽ ڏنار قومن جا طور طريقا- چين کان يورپ تائين هُئن (The Huns) جو واڌارو گاٿن جي پاڃ- اُهي دنيوب کي اُڪري وڃن ٿا- گاٿن جي جنگ- وئلنس جي شڪست ۽ سندس موت- گرئشين، ٿوڊوسيس کي اوپر جي شهنشاهت حوالي ڪري ٿو- سندا ڪردار ۽ ڪاميابي- امن ۽ گاٿن جي بحالي.	682
باب ستاويهون	گرئيشين جو موت- آرين عقيدي جو خاتمو- سينٽ ائمبروز- مئڪسيمس جي خلاف پهرين خانه جنگي- ٿوڊوسيس جو ڪردار، انتظام ۽ پڇتاءُ- وئلينٽينين-II جو موت- يوجينيس خلاف ٻي خانه جنگي- ٿوڊوسيس جو موت	683

باب - پهريون

انٽونينز جي دؤر ۾ روم جي شهنشاهت جو دائرو ۽ ان جي فوجي طاقت

هي صدي عيسوي ۾ روم جي شهنشاهت کي دنيا جو خوبصورت تڪرو ۽ انساني تهذيب جو بهترين نمونو سمجهيو ويندو هو. شهنشاهت جي سرحدن جي حفاظت لاءِ ان جي تاريخي شهرت، بهادري ۽ دبدبي کي ئي ان جو محافظ سمجهيو ويندو هو. شاندار ۽ طاقتور قاعدن قانونن، ۽ ماٺهن جي روين سوبن جي ايڪي ۽ اتحاد کي مضبوط ڪري ڇڏيو هو. اُتان جا امن پسند ماٺهو شهنشاهت جي دولت ۽ عياشيءَ مان لطف اندوز ٿيا ته ڪجهه ناجائز فائدا ٻ وٺڻ لڳا. آزاد آئين جي تصور، وقار ۽ عزت کي ماٺهن هِنئين سان هنڌائي رکيو هو. روم جي سينيٽ کي مڪمل اختيار هيا جنهن حڪومت هلائڻ جا پورا انتظامي ۽ قانوني اختيار شهنشاهت کي سؤنپي ڇڏيا هيا. اَسي سالن کان ٻ وڌيڪ هڪ سٺي دؤر جي عوامي انتظام کي نِروا، تراجن، هيدرئن، ۽ ٻ انٽونينز پنهنجي ڇگاين، گُڻن ۽ قابليت مطابق هلائيندا رهيا. هن ڪانپوءِ ٻن بابن ۾ سلطنت جي خوشحاليءَ جو تذڪرو آيل آهي. ان بعد مارڪَس انٽونينَس جي موت کان پوءِ هڪ اهڙو انقلاب آيو جيڪو سلطنت جي زوال ۽ خاتمي جو باعث بڻيو جنهن جا سبَب هنَ سان گڏوگڏ بابن ۾ ڇاڻايل آهن. هڪ اهڙو انقلاب جنهن کي هميشہ لاءِ ياد رکيو ويندو ۽ جنهن جي زور ۽ اثر کي دنيا ۾ اڄا تائين محسوس ڪيو وڃي ٿو.

رومين کي مڪيہ فتحون جمهوريت ۾ ئي حاصل ٿيون. شهنشاهہ اُنهن علاقن کي بچائڻ ۽ اُنهن جي حفاظت ڪرڻ تي ئي راضي هئا جيڪي علاقا اُنهن سينيٽ جي پاليسين هيٺ هلندي، چيف مئجسٽريٽن جي پيروي ڪندي عوام جي مردانگيءَ واري جوش جذبي ذريعي فتح ڪيا هيا. پهرين ستن صدين* ۾ ڪين نمايان ڪاميابيون حاصل ٿيون، پر اهو اعزاز ڇڻ ته آگسٽَس کي ملڻو هو جو هن سڄي سرزمين کي طابع ڪرڻ جي اجائي خواهش کي ترڪ ڪيو ۽ عوامي نمائندگي جي ڪائونسلن ۾ انصاف ۽ رواداريءَ جو جذبو پيدا ڪيو. فطري توڙي وقت جي حالتن پٽاندر هُو اَمن قائم ڪرڻ طرف راغب هيو تنهنڪري هن روم جي مانَ ۽ شانَ کي اڄا مٿاهون ڪرڻ ٿي چاهيو. هن سلسلي ۾ ڪيس نہ فوج ڪشي جي خطري وڻڻ جي ضرورت هئي نہ هُن کا پنهنجي دل ۾ اهڙي آرزو يا اُميد ئي رکي هئي. ٻيو ته ڏورانهَن علاقن ۾ جنگيون جوٽڻ نهايت ئي خطرائتو ۽ جوکم جو ڪم هو ڇو ته ان صورتحال ۾، اڳ ۾ هٽ آيل علاقن تي پنهنجو قبضو جاري رکڻ ٻ ڪيس ڏکيو ٿي لڳو. ساڳي وقت بهتر نتيجن نڪرڻ جي اُميد ٻ اڻَ ڇڻي وڌيڪ ۽ فائديمند گهٽ ٿي نظر آئي. آگسٽَس جي پنهنجي وسيع تجربي ۽ سندس دوراندیش صلاحڪارن جي مشوري سندس صحتمند رجحانن کي هٿي ڏني ۽ سندس يقين وڌيڪ پختو ٿي ويو ته روم جي سلامتي ۽ ان جي عزت آبرو کي برقرار رکڻ ۽ ان کي هيبتناڪ بربرن کان بچائڻ لاءِ صلح جي فضا قائم ڪرڻ نهايت ضروري هئي، تنهنڪري پاڻ ۽ پنهنجي فوجي لشڪر کي پارٿينَس جي تيرن جي نشاني آڏو اڇڻ جي بجاءِ هن هڪ باعزت صلحنامي جي ذريعي پنهنجا جهنڊا ۽ قيدي، مخالفن کان واپس ورتا جيڪي ڪراسَس جي شڪست وقت ڪانئن کسيا ويا هيا.[1] هن جي حڪومت جي شروعاتي دؤر ۾ سندس جنرلن، حبش ۽ عربستان جي وسعتن کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ خط

استوا جي ڏکڻ طرف هزار ميلن تائين ڏُوکيندا ويا پر بي رحم موسم جي سخت گرميءَ، جنگجُو جنرلن کي اڳتي وڌڻ نہ ڏنو ۽ اهڙيءَ طرح دنيا جي هن نرالي ۽ جداگانہ حصي جا سادا ۽ صلح پسند ماڻهو، مخالفن جي حملن جي يلغار کان محفوظ رهيا.[2] يورپ جي اُترين علاقن جي ملڪن کي فتح ڪرڻ لاءِ محنت توڙي خرچ ڪرڻ جي کابہ ضرورت کانہ هئي، خاص طرح جرمنيءَ جا علاقا جتي گهاٽن جهنگلن ۽ ڏُهڙ جا خطرا موجود هئا. اُتي جا خطرناڪ ۽ بهادر بربر اهڙي زندگيءَ کان نفرت ڪندا هيا جنهن ۾ سندن آزادي کسي وئي هجي. اُنهن مٿان شروعاتي حملن ۾ ايئن محسوس ٿي رهيو هو تہ رومين جي طاقت مٿانئن غلبو ڪري وئي هئي پر پوءِ هو نااُميديءَ جي ڪيفيت مان ٻاهر نڪري ويا ۽ جلد ئي پنهنجي آزادي حاصل ڪري ورتائون ۽ آگسٽس تي واضح ڪيائون تہ بخت ۽ قسمت جي پائداري تي غرور ڪرڻ عبث ۽ اجايو هو.[3] هن شهنشاهہ جي موت تي ، سندس وصيت نامي کي سينيٽ ۾، ماڻهن جي آڏو عالم آشڪار ڪري پڙهيو ويو. هُن پنهنجي اولاد لاءِ قيمتي ورثو پُنتي چڏيو ۽ ان سان گڏ ڪين هدايت ڪئي تہ سندس شهنشاهت جون جيڪي اصلي ۽ قدرتي حدون هيون، اڳتي لاءِ بہ اُنهن کي ئي قائم رکيو وڃي، مثال طور، اولهہ طرف اٽلانٽڪ سمنڊ، رائين ۽ دنيوب نديون اتر طرف، اوپر ڏي فُرات ۽ عربستان ۽ آفريڪا ڏکڻ طرف هيون.[4]

خوش قسمتيءَ سان شايد ڪجهہ عرصي لاءِ ماڻهن کي (جهيڙن جهگڙن کان) سُکَ جو ساهہ ڪڍڻو هو تنهنڪري آگسٽس جي وارثن، سندس سهڻي سلوڪ، سياڻپ ۽ گڻن کي اوگڻن، ڏپ ۽ خوف ۾ تبديل ڪري چڏيو. پهريَن سيزرس، هڪ طرف عياشيءَ طرف راغب ٿيڻ سبب تہ ٻي طرف پنهنجين نازَوا حرڪتن جي ڪري، پنهنجي فوجين جي سارَ سنيار لهڻ بہ بند ڪري چڏي ۽ پنهنجن صوبن ۽ سرحدن جي حفاظت ڪرڻ بہ چڏي ڏنائون. وري ساڳي وقت اهو بہ برداشت نٿي ڪري سگهيا تہ اُنهن جا اعزاز، ڪارناما ۽ علاقا سندن نااهلي ۽ سستيءَ سبب، سندن ئي جنرلن جي بهادري ۽ طاقت سبب متان کانئن کسجي وڃن. رعيت جي فوجي شهرت کي بہ شهنشاهت جي شان ۽ شوڪت خلاف ڄڻ تہ ڪو حملو تصور ڪيو ئي ويو. ان ڪري روم جي هر جنرل جي نہ رڳو ڏيوٽي هئي پر هر هڪ کي مڪمل ذميواري سوڀپي وئي هئي تہ وڌيڪ علاقا فتح ڪرڻ بجاءِ، هر ماڻهو پنهنجي سرحدن جي حفاظت ڪري، ڇاڪاڻ تہ وڌيڪ علاقن جي فتح جو خواب ڏسڻ، سندن ئي فتح ڪيل بربرن جي پيٽ ۾ خود هُنن جي لاءِ وڌيڪ هاڃيڪار ۽ خطري وارو ڪم هو.[5]

پهرين صدي عيسوي ۾ روم جي سلطنت ۾ فقط برطانيہ جي صوبي جو واڌارو ٿيو. سيزر ۽ آگسٽس جي وارثن مٿي بيان ڪيل ڪارنامو فقط ان ڪري سرانجام ڏنو هو جو هنن پنهنجي اَڻگهي چال چلت کي ترڪ ڪري پنهنجن بزرگن ۽ بهادرن جي مثالن تي هلڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هڪ طرف گال جي ساموندي ڪناري جي قدرتي ويجهڑائيءَ کين فوجي چڑهائيءَ لاءِ هِرڪائي رهي هئي تہ ٻي طرف مڃيءَ جي دولت، جيڪا توڙي جو يقيني ڪانہ هئي، سندن مايا ميڙڻ جي هوَس کي وڌايو[6] ۽ جيتوڻيڪ برطانيہ کي هڪ خاص ۽ نمايان حيثيت سان ڏنو پئي ويو، پر ان جي فتح، بين الاقوامي ماپي ۽ معيار جي لحاظ سان هروپرو ايڏي اهميت واري نہ هئي. اندازي موجب چاليهن سالن جي جنگ ڪانپوءِ، اُها جنگ جيڪا هڪ احمق انسان[7] جوتي ۽ جنهن کي نهايت ئي نادان شخص هٿي ڏني ۽ وري جيڪا هڪ بزدل ترين شهنشاهہ بند ڪئي، نتيجي ۾ تمام گهٽو علاقو روم جي قبضي ۾ اچي ويو.[8]

انگريزن جي مختلف قبيلن ۾ بهادري ته هئي پر اڳتي وڌڻ جو منجهن طور طريقو نه هو. آزاديءَ لاءِ چاهت ته وٽن هئي پر هو پاڻ ۾ ايڪي ۽ اتحاد ڪرڻ کان عاري هئا. فقط درندگيءَ واري طاقت جي زور تي هنن جنگ جوئڻ ٿي چاهي.پر پوءِ سليقي کان سواءِ يا ته هڪدم ڪٽي هٿيار ڏٽا ڪيائون يا وري وحشي ٻڌجي پاڻ ۾ ئي وڙهي پيا. پاڻ ۾ ٻڌي ۽ ايڪي نه هڻڻ سبب بي يارو مددگار ٿي وڙهيا ۽ نتيجي ۾ لڳاتار شڪستون ٿي ڪائيندا رهيا. ڪئريڪٽيڪس جي دوراندیشي، بودِيسا جي نااُميدي ۽ ڊُروئڊس جي اجائي جوش جذبي - ٽيئي گڏجي نه ته سندن ملڪ کي غلاميءَ کان بچائي سگهيا ۽ نه وري شهنشاهي جنرلن کي اڳتي وڌڻ يا سندن ترقيءَ جي رفتار کي روڪي سگهڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهيا، جن پنهنجي قومي عزت ۽ آبرو کي ان وقت ۾ برقرار رکيو. جڏهن دنيا جي ڪمزور ترين شخص پنهنجي تخت ۽ تاج کي ذليل ڪري ڇڏيو هو. عين ان وقت جڏهن ڊوميٽين جيڪو پنهنجي محل ۾ اُنهن خوف خطرن ۾ وکوڙجي ويو هو جيڪي دراصل سندس ئي پيدا ڪيل هيا، سندس فوجن هڪ باوقار جنرل ائگريڪولا جي سربراهيءَ ۾ ڪئليڊونيا جي وڏي فوج کي، گرام پيَن جي پهاڙين وٽ شڪست ڏني هئي. نه رڳو ايترو پر ان مهم جُوئيءَ ۾ هڪ نامعلوم ۽ خطرناڪ ساموندي سفر ڪندي، سندس بيڙن روم جي جنگي سازوسامان کي ٻيٽ جي چٽئي طرفن کان واضح ۽ نمايان ڪري ڇڏيو هو. برطانيہ جي فتح ته اڳ ۾ ئي مڪمل ٿي چڪي هئي. هاڻي ائگريڪولا پڪو عزم ڪيو ته آئرلئنڈ کي ۽ پنهنجي تابع ڪري، جنهن لاءِ سندس خيال موجب هڪ محدود فوجي دستو ۽ ڪجهہ سندن مددگار ڪافي هوندا.[9] اولهائين ٻيٽ کي هڪ قيمتي ورثي ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن آزاديءَ جي نظرئي ۽ تصَور کي انگريزن جي اکين ۽ دماغ کان اوجهل ڪري ڇڏجي ته پوءِ مجبور ٿي اُهي پنهنجي قبضي واري حالت کي قبول ڪري وٺندا.

پر.....ائگريڪولا جي ذات ۽ ذهانت کيس وڌيڪ ڪم نه آئي ۽ جلد ئي برطانيہ جي حڪومت مان کيس ڪڍي ٻاهر ڪيو ويو ۽ سرحدن کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ جي سندس هوَس کي ۽ نامناسب عمل سمجهيو ويو. پر جنرل صاحب جيڪو نهايت ئي دوراندیش شخص هو. حڪومت کان ٻاهر ٽيئڻ کان اڳواٽ ئي هن پنهنجي حفاظت ۽ پنهنجي مرضيءَ مطابق رهڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو هو. هن مشاهدو ڪيو هو ته ٻيٽ ۾ن حصن ۾ ورهايل آهي ۽ اُهي حصا، مختلف طرفن کان نارَن جي موجودگيءَ سبب، جن کي هاڻي اسڪاٽلئنڈ جا چوڙَ ۽ سڏيو ويندو آهي، هڪ جيترا ۽ نه هيا.

ائنٽونينَس پيَس جي حڪومت دوَران، هن هر چاليهن ميلن کان پوءِ فوجي اسٽيشنون قائم ڪيون هيون جن کي پوءِ سخت پٿر جي پيڙهہ ۽ بنيادن تي تعمير ڪري، مضبوط قلعا ۽ ديوارون ٺاهي ۽ اُنهن کي گاهن ۽ وَلِيَن سان ڍڪي، دشمن جي حملن کان هر لحاظ سان محفوظ ڪيو ويو هو.[10] ائنٽونينَس جي هن ديوار کي جيڪا ايڈنبرا ۽ گلاسگو جي موجوده جديد شهرن کان ٽورڙو ئي اڳتي آهي، روم جي صوبي جي آخري حد تسليم ڪيو ويو. ٻيٽ جي اُترئين ڇيڙي وٽ، ڪئليڊونيا جي مقامي ماڻهن پنهنجي ڇڙواڳ آزاديءَ کي قائم رکيو هو جنهن لاءِ هو پنهنجي بهاديءَ کان وڌيڪ پنهنجي غربت جا احسانمند هئا. سندن حملن کي هر دفعي نه رڳو ناڪام بنايو ويو هو پر حملي ڪندڙن کي ان جي سزا ۾ ملندي رهي هئي پر، بهرحال سندن ملڪ ڪڏهن ۾ ڪنهن جي تابع نه ٿي سگهيو.[11] دنيا جي خوشگوار ۽ بيحد سُٺين موسمن جا مالڪ، سياري جي طوفان جي سَٽيل غمناڪ ٽڪرين، نيري ڏَنڊ سان ڍڪيل

ڏنڊن ۽ ٻَڌ لڏن پوئن منجهان ڇڻ پاڻ سان نفرت جا انبار کٹي نمودار ٿيا ۽ اڳوڻي ظالم موسر ۾ به هتان جي ٻيهودن ۽ وحشي انسانن جهنگ جي هرڻن کي شڪار ڪرڻ لاءِ ٻاهائي ٻاهائي اڏمئو ڪري ڇڏيو.[12]

آگسٽس جي مرڻ کان ٽراجن جي تخت نشينيءَ تائين روم جي سرحدن جي اها صورتحال هئي ۽ شهنشاهي طور طريقي جا اصول ۽ قاعدا به ان کان مختلف نه هئا. ان بااخلاق ۽ توانا عادتون رکندڙ شهزادي تعليم ته هڪ سپاهيءَ واري حاصل ڪئي هئي پر منجهس صلاحيتون هڪ جنرل واريون هيون،[13] سندس اڳوڻن وڏن جي زماني جي صلح وارو ماحول هاڻي جنگين ۽ فتحن جي مهم جوئيءَ ۾ تبديل ٿي چڪو هو. ڪافي عرصي جي وقفي کان پوءِ سندس فوجين، هڪ فوجي شهنشاهه جي پرواهه نه ڪندي سندس رستو روڪيو هو. ٽراجن جا پهريان فوجي معرڪا ڊاسيَنس جي خلاف هئا. اُنهن ڊوميٽين جي حڪومت دوران، روم جي وقار ۽ عظمت کي ڪُليو ڪلايو مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو هو.[14] وحشين جي ظالماڻي طاقت ۽ اُرهه زوراڻيءَ سان، هنن، زندگيءَ لاءِ نفرت جي جذبي کي به ملائي ڇڏيو هو جيڪو بقا جي پختن دليلن ۽ مرڻ ڪانپوءِ روحن جي جسمن ۾ منتقليءَ جي نظرئي کان ورتو ويو هو.[15] ڊئسيَن شهنشاهه ڊيسيبئلس پاڻ کي هڪ مخالف جي روپ ۾ پيش ڪيو، جيڪو لڳ ڀڳ ٽراجن جهڙوئي هو. هن مقدر مان توڙي پاڻ مان اُميد نه لاٿي هئي پر دشمنن جي اعتراف ڪرڻ تائين، هن پنهنجي بهادري ۽ رواداري سميت پنهنجا سڀ سهارا ۽ وسيلا ختم ڪري ڇڏيا هئا.[16] هيءَ يادگار جنگ، جنهن ۾ تمام ٿورڙي عرصي لاءِ لڙائي بند ٿي، پنجن سالن تائين جاري رهي، پر جيئن ته شهنشاهه پنهنجي سڄي اسٽيٽ جو زور هن جنگ تي لاتو هو ته نيٺ بربرن کي مجبور ٿي جهڪڻو ۽ جنگ کي ختم ڪرڻو پيو.[17]

ڊئيسيا جي نئين صوبي جو دائرو، جيڪو آگسٽس جي قائر ٿيل ردَ٘ارڊ کان پوءِ هيو نمبر وڏو ڪارنامو هو، 1300 ميلن تائين پکڙيل هو. سندس قدرتي حدون نِيسٽر، ڊيس، هيئين دنيوب ۽ ايگزين سمنڊ هيون. فوجي رَسدَ ۽ رستي جا اهجاڻ اڳا تائين دنيوب جي ڪنارن کان بيندر جي سرحدن تائين ملن ٿا. هيءَ جڳهه موجوده تاريخ ۾ به شهرت رکي ٿي ته ترڪيَ ۽ روس جي سلطنتن جي سرحد به ليکي وڃي ٿي.[18]

ٽراجن شهرت جو ٻکيو هو، ۽ جيستائين انسانذات پنهنجن سڃڻن ۽ قدردانن جي ٻجاءِ پنهنجن جاني دشمنن سان مهربانيون ڪندي ايندي تيستائين فوجي شان ۽ شوڪت جي طلب ۽ تانگهه وڏن ۽ نالياڻن ماڻهن جي ڪمزوري رهندي ايندي، سڪندر (Alexander) جون تعريفون ۽ مداحون جن کي جڏهن تاريخدانن ۽ شاعرن ٻين ماڻهن تائين پهچايو ته ٽراجن تي به انجا منفي اثر پيا جو سندس اندر ۾ سڪندر سان برابريءَ جي خواهش جاڳي پئي، هن وانگر روم جي شهنشاهه، مشرق جي ڪجهه قومن خلاف حملي ڪرڻ جا سانباها ڪيا پر پوءِ ٿڏو ساهه ڪٹندي پڇتايائين ته سندس وڏي عمر، ڪيس فلپ جي پُٹ جي ڏهڀي ۽ شهرت سان همسري ڪرڻ جي اجازت نٿي ڏني،[19] ان جي باوجود ٽراجن جي عارضي ڪاميابي به تيز، تڪڙي ۽ ڏيڪاوَ واري هئي. نااهل پارٿينس جن کي پيٽ جي تڪليفَ به چٹي ڇڏيو هو، سندس فوجن آڏو ٻيهي نه سگهيا ۽ جلد ئي ميدان ڇڏي ٻاڄي ويا. هو وڏي خوشي ۽ شادمانيءَ مان فرات نديءَ تائين اڳي پوءِ آرمينيا جي پهاڙن کان ايراني نار تائين پهتو. ڪيس ان ڳالهه تي فخر هو ته هو پهريون شخص هو، جيتوڻيڪ هو روم جي جنرلن جو آخري ماڻهو هو جنهن ايڏو ڏورانهون سمنڊ جهاڳي پار ڪيو هو. سندس سامونڊي

The Roman Empire at its greatest extent in the time of Trajan, AD c.100

جهازن عربستان جو ڪنارو پار ڪيو ته ٽراجن ڇڻ ڦُوندڙ ۽ پرچي ويو ته هو جلد ئي هندستان جي حدن کي ڇُهڻ وارو هو.[20] هر روز سينيٽ کي حيرت وچان ڳجهه ڳجهاندر ۽ نوَن نالن ۽ نيَن قومن جي باري ۾ خبرون پيون ملنديون هيون ته اُهي سندس حڪومت ڪرڻ جي حق کي تسليم ڪن ٿا. هنن کي ٻڌايو ويو ته باسفورس، ڪولڪوس، آئبيريا، البانيا ۽ آرهين جا شهنشاهه توڙي خود پارٿين حڪمران به هن شهنشاهه جي هٿان، سندس حڪمرانيءَ کي قبول ڪري ڇڏيو هو ۽ جابلو علاقن جهڙوڪ مدائن ۽ ڪاردوچين جي آزاد قبيلن ۽ ذاتين به ڪيس منتون ڪيون هيون ته شهنشاهه سلامت سندن حفاظت ڪرڻ جي مهرباني فرمائي. هوڏانهن آرمينيا، ميسوپوٽئميا ۽ اسيريا جهڙا مالدار ملڪ به هاٿي ننڍا ننڍا ٽي صوبن جي حيثيت ۾ تبديل ٿي ويا هٿا[21] پر ٽراجن جي موت، شهنشاهت جي هيڏي ساري بهتر صورتحال کي ڇڻ جلد ئي نراسائيءَ طرف ڌڪي ڇڏيو ۽ هڪ امڪاني خطرو فورن پيدا ٿي پيو ته ڏورانهَن علاقن جون ڪيتريون ئي قومون پنهنجي ڳچيءَ مان غلاميءَ جو ڳُٽ لاهي اُڇلڻ ۾ دير نه ڪنديون جو ته اُهو طاقت وارو هڻ، جنهن جي ڪري هنن مجبور ٿي سندس تابعداري تسليم ڪئي هئي، باقي نه رهيو هو ۽ هاٿي سندن رستي روڪڻ وارو ڪوبه ڪو نه هو.

هڪ قديمي روايت هئي ته جڏهن روم جي ڪنهن شهنشاهه، جُوپيٽر جو مندر ڪئپيٽول (Capitol) روم ۾ اڏيو هو ته ٽرمينَس ديوتا جنهن لاءِ مشهور هو ته (هو ملڪي سرحدن جي حفاظت جو نگهبان هو ۽ ان وقت جي روايتن ۽ رسمن موجب سندس نمائندگي هڪ تمام وڏو پٿر ڪندو هو) جيڪو ننڍن ننڍن ديوتائن ۾ وڏو ديوتا هو، روم جي وڏي ۾ وڏي ديوتا جوپيٽر کي به سندس جانشين ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پيشنگوين ڪندڙ ڪجهه ماڻهن سندس ضِد ۽ هوڏَ مان به بهتر ۽ مثبت نتيجا ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان کي هڪ سٺو سنئوڻ سمجهڻ لڳا ته رومي طاقت جون حدون هاٿي ڪڍهن به نه ڳهنبيون.[22] اها پيشنگوئي، هڪ وڏي عرصي تائين، پنهنجي تڪميل جي مرحلن مان گذرندي رهي، پر توڙي جو ٽرمينس، جوپيٽر ديوتا جي عظمت آڏو ته نه جهڪيو پر نئين شهنشاهه هئبرئن جي حڪومت جي فرمانَ کي جلد تسليم ڪري ورتائين. ٽراجن جي حڪومت جي دؤر ۾ مشرق جي ملڪن ۾ جتي جتي به فتحون حاصل ٿيون هيون، اتان جي سڀني حڪمرانن کان استعيفائون ونڍ هئبرئن جي حڪومت جو پهريون قدم هو. هن پارٿينس کي پنهنجي خود مختيار حڪمران کي چُوندن ڏريعي بحال ڪرڻ جو حق ڏئي ڇڏيو. آرمينيا، ميسوپوٽئميا ۽ آسيريا جي صوبن مان فوجون هٽائي ڇڏيون ۽ آگسٽس جي سونهري اصولن جي پاسداري ڪندي فرات کي رومي سلطنت جي حد تسليم ڪري ڇڏيو.[24] عوامي توڙي ذاتي معاملن جي حوالي سان، شهزادن جي سلسلي ۾، ڪنهن به غلطي يا متَن الزام لاءِ جيڪو سندن محاسبي ڪرڻ جو طور طريقو مقرر ڪيل آهي، ان مطابق به هئبرئن جي هلت چلت کي دوراندیشي ۽ اعتدال پسندي سان تعبير ڪندي ڪيس ساراهيو ويو آهي، پر تڏهن به سندس خاصيتن جي ڪڍهن خراب ته ڪڍهن تمام سٺن ڳٽن، ماڻهن ۾ سندس لاءِ ڪن وقتن تي شڪ شبها ضرور پيدا ڪيا. بهرحال اهو سندس وَس ۾ ڪونه هو ته هو پنهنجي اڳوڻي شهنشاهه جي عظمت جا نغما ڳائي پر هو پنهنجي ان ڳالهه جو اعتراف ڪندو رهندو هو ته هو پاڻ کي ان قابل نٿو سمجهي ته ٽراجن جي دؤر ۾ فتح ٿيل ملڪن کي بحال ۽ برقرار رکي سگهي.

ٽراجن جي فوجي دبدبي ۽ ملڪن فتح ڪرڻ جي شُهرت، سندس جانشين جي اعتدال پسندي واري رويي جي بلڪل ابتڙ هئي. ائنٽونينَس پيَس جي سانت سڪون واري ماحول جي مقابلي ۾ هئبرئن جي متحرڪ حڪومت ڪافي

نمايان هئي. هئبرئن جي زندگي هڪ مسلسل مسافريءَ جيان هئي چو ته منجهس گهڻيون ئي خاصيتون هيون. هو هڪ بهادر سپاهي، مدبر سياستدان ۽ هڪ پڙهيل ڪڙهيل شخص هو. هُو پنهنجا ڪر ۽ ڏيوٽي پوري ذميواريءَ سان مڪمل ڪري خوش ٿيندو هو. فضائن جي سردي گرمي ۽ موسمن جي تبديليءَ جو مٿس ڪو بہ اثر نہ ٿيندو هو. اهوئي سبب آهي جو هو پيرين پيادو ۽ مٿي اُگهاڙو ڪئليڊونيا جي ڇميل برفن توڙي مصر جي مٿانهن علائقن جي لُوساٽيندڙ گرميءَ ۾ بہ اڳتي ڏوکيندو ويو. سندس سلطنت جو ڪوبہ علائقو يا صوبو اهڙو نہ هو جنهن ۾ سندس حڪومت جي دؤر ۾ ڪو حاڪم مقرر نہ ڪيو ويو هجي.[25] ان جي برعڪس ائنٽونينس پيَس جي خاموش ۽ سُکون واري زندگي اٽليءَ جي عياشين ۾ گذري ۽ سندس عوامي انتظام سنڀالڻ جي ٽيويهَن سالن ۾ هن وٽندڙ ۽ سٹي طبيعت رکندر شهزادي جي ڏکهي ۽ ڏکهي مسافري، روم ۾ هڪ محل کان سندس ٻي جڳهه لينوين وِلا تائين هئي جتي هو ڪڏهن ڪڏهن وڃي آرام ڪندو هو،[26] سندن ذاتي خاصيتن جي واضح فرق جي باوجود، هئبرئن توڙي ٻن ائنٽونئن، آگسٹَس واري حڪومتي نظام جي طريقي تي هلڻ چلڻ جي ڪوشش ڪئي. اُنهن سلطنت جون سرحدون وڌائڻ جي بجاءِ ان جي وقار کي برقرار رکيو. هر ممڪن طريقي سان هنن بربرن سان بہ دوستيءَ جو هٿ وڌايو ۽ انسانذات کي يقين ڏيارڻ جي پوري ڪوشش ڪيائون تہ روم جي حڪومت هاڻي وڌيڪ ملڪن فتح ڪرڻ لاءِ نہ پر ملڪي نظام ۾ انصاف جي بهتريءَ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهي هئي. ٽيتاليهن سالن جي ڏکهي عرصي ۾ سندن خلوص واريں ڪوششن ڪاميابيءَ جا قدم چُميا ۽ سواءِ ٿورڙن هيڪڙ ٻيڪڙ ناخوشگوار واقعن جي، جن ۾ بہ سندن فوجين، سرحدن تي رسمي مشقون ٿي ڪيون، هئبرئن ۽ ائنٽونينَس پيَس جي حڪومتن جي دؤر کي اَمن اَمان ۽ صلح قائم ڪرڻ جو آفاقي دؤر چئي سگهجي ٿو.[27] هاڻي روم جي نالي کي پوري دنيا جي قومن ۾ عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏٺو ٿي ويو. خطرناڪ وحشي ماڻهن بہ پنهنجن اختلافن کي هاڻي شهنشاهہ وٽ فيصلي جي لاءِ ڪٹي وڃڻ کي ترجيح ٿي ڏني. اسان کي ساڳي دؤر جي مؤرخن وڌيڪ کولي ٻڌايو آهي تہ شهنشاهَ اُنهن سفيرن کي بہ ملاقات جو شرف بخشيو جن کي اڳ ملڻ کان ۽ اُنهن کي رعيت جي صفن ۾ شامل ڪرڻ کان انڪار ڪيو ويو هو.[28] روم جي فوجي قوت جي خوفَ، شهنشاهن جي اعتدال پسنديءَ کي وڌيڪ وقار ۽ عزت بخشي، هنن صلح جي فضا کي بہ قائم رکيو پر ساڳي وقت جنگ جي تيارين کان بہ غافل نہ رهيا. توڙي جو ماڻهن سان سندن رويو منصفاڻو هو، پر پوءِ بہ پنهنجي سرحدن تي ڪُليو اعلان ڪرايائون تہ هو ڪنهن جي اُرهہ زورائيءَ کي ڪنهن حد تائين تہ برداشت ڪري سگهندا پر جيڪڏهن ڪين ايذاءُ رسايو ويو تہ اهو سندن برداشت کان ٻاهر هوندو. سندن فوجي طاقت، جيڪا هئبرئن ۽ وڏي ائنٽونينَس جي قوت جي ڏيکاوَ لاءِ تہ ڪافي هئي. شهنشاهہ مارڪَس پارٿينَس ۽ جرمنيءَ خلاف استعمال ڪئي. بربرَن جون اڳرايون ۽ دشمنيون، هڪ فيلسوف شهنشاهہ کي بہ چيڙائڻ جو سبب بٹيون جنهن سبب پنهنجي حفاظتي تدبيرن کي پختو ڪندي، مارڪس ۽ سندس جنرلن فرات ۽ دنيوب جي علائقن ۾ وڏيون فتحون حاصل ڪيون.[29] رومي شهنشاهت جو فوجي نظام، جنهن يا تہ سانت سُکون قائم ڪيو يا وري جنگ ۾ ڪاميابي ماڻي، هاڻي اسان جي توجهہ جو تمام اهم نقطو هوندو.

ڏيل ملڪيت (Common Wealth) جي ڇڳي زماني ۾ هٿيارن جو استعمال فقط شهرين جي انهن طبقن لاءِ هوندو هو جيڪي پنهنجي ملڪ سان پيار ڪندا هئا، يا وٽن ملڪيت هوندي هئي جنهن جي حفاظت ڪندا هئا يا اُنهن

قاعدن قانونن کي ناهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ ۾ اُنهن جو به حصو هوندو هو ته ان کي برقرار رکڻ لاءِ سندن دلچسپي ۽ ذميواري پڻ هوندي هُئي، پر وقت گذرڻ سان، عام ماڻهوءَ جي آزادي، فتحن جي جنون باعث ختر ٿيندي وئي ۽ جنگ جو منظر هڪ فن جي شاخ ۾ تبديل ٿي بهتر ٿيو پر وري جڏهن اُهوئي فن واپار ۾ بدليو ته ذليل ٿي ويو.[30] فوجي خود جيڪي اُنهن وقتن ۾ پرانهن صورن لاءِ پرتي ڪيا ويندا هئا، اُنهن لاءِ ضروري هو ته هو روم جا شهري هجن. ان فرق يا انفراديت کي يا ته قانوني ضرورت سمجهيو ويندو هو يا وري روم جي لشڪري سُورمن لاءِ ان کي مناسب معاوضي ڏيڻ سان تعبير ڪيو ويندو هو، پر فوجين جي پرتيءَ لاءِ وڏيڪ اهر ڳالهه اها هوندي هئي ته عمر جي ڇاڻايل حدَ پوري هجي، جسماني طور جانڻو جوان هجي ۽ فوجي معيار تي هر لحاظ سان پورو لهي.[31] لازمي پرتي ڪيل فوج ۾، موسر جي لحاظ سان ڏاکڻين طرف جي مقابلي ۾، اُترين علائقن کي وڏيڪ اهميت ڏني ويندي هئي. پرتي ڪرڻ وقت شهرن جي مقابلي ۾ ٻهراڙيءَ جي اُنهن ماڻهن کي اوليت هوندي هئي جيڪي نسل درنسل فوجي پيشي سان لاڳاپيل هئا. ساڳي وقت ان ڳالهه جو خيال به رکيو ويندو هو ته ويهڪ ڪندڙ ۽ آرام طلب ماڻهن جي پيٽ ۾ جفاڪش ماڻهو جيئن لوهر، وڍا ۽ شڪاري ماڻهو اڳتي اچن جيڪي وڏيڪ محنتي، جاکوڙيندڙ ۽ همت وارا هئا.[32] گهٽي ملڪيت هڻڻ، فوج ۾ پرتي ٿيڻ لاءِ ڪابه لياقت نه سمجهي ويندي هئي، پر ان ڳالهه جو يقيني خيال رکيو ويندو هو ته روم جون فوجون، اُنهن آفيسرن جي تابع هجن جيڪي اوچي خانداني نسل سان تعلق رکندا هجن ۽ سندن تعليمي معيار به بهتر هجي، پر عام سپاهي، مٿئين معيار جي برعڪس، موجوده يورپ جي ڪرايي جي فوجين جيان، نه رڳو گهٽ ذاتين پر انسانذات جي انتهائي بدڪردار ماڻهن ۽ بدنام نسلن منجهان چونڊيا ويندا هئا.

اهي ڳڻ جن جو نالو پراڻن زمانن ۾ حب الوطني هو. درحقيقت اسان جي اُنهن دلچسپي وارن ڏهني لاڙن سان تعلق رکن ٿا جن ذريعي اسان هڪ آزاد حڪومت جي بقا ۽ پلي لاءِ سوچيون ٿا. اُهو جذبو، جنهن ملڪي فوجن کي ناقابل - شڪست بنائي ڇڏيو هو، شهزادي جي پاڙي خور نوڪرن جي فوج تي ذرو به اثر نه ڪيو ۽ هاڻي اهو ضروري ٿي پيو هو ته ايڏي وڏي نقص جو خال ڪنهن ٻي زوردار جذبي سان پرڻ جي ڪوشش ڪجي ۽ اهو جذبو مذهب ۽ خودداريءَ کان وڏيڪ ٻيو ڪو به نه هو. هاري ناري توڙي مشينن جو پورهيو ڪندڙ ماڻهن کي وري هن ڳالهه تي ناز هو ته هو فوج جهڙي عزت واري روزگار سان لاڳاپيل هيا جنهن ۾ سندن رتبي توڙي شهرت جو دارومدار سندن بهادريءَ سان لاڳاپيل هو. توڙي جو ڪنهن خانگي اداري ۾ ڪر ڪندڙ سپاهيءَ جي بهادري، شهرت جي محتاج نه هوندي آهي تڏهن به هن جو ذاتي رويو، ان ڪمپنيءَ، اداري، سپاهيءَ توڙي خود فوجَ، جنهن سان هو تعلق رکي ٿو، لاءِ ڪڏهن ڪڏهن نيڪ نامي يا بدناميءَ جو باعث ٿيندو آهي، پنهنجي نوڪريءَ ۾ داخل ٿيندي ئي سپ کان پهريون، سندس مقدس پيشي سان وفادار رهڻ جو ڪيس قَسر ڏنو ويو. هن واعدو ڪيو ته پنهنجي جهنڊي کي ڪڏهن به نه ڇڏيندو، پنهنجي مرضي ۽ خواهشن کي پنهنجي ليڊرن جي حڪر جي تابع ڪري ڇڏيندو ۽ ضرورت پئي ته شهنشاهه ۽ شهنشاهت جي تحفظ ۽ پلي لاءِ پنهنجي جان به قربان ڪري ڇڏيندو.[33] رومي فوجين جي پنهنجي جهنڊي سان محبت ۽ وفاداري، بن جذبن يعني مذهب ۽ قومي وقار جي زوردار اثر باعث هئي. جهنڊن ۾ اُڪريل سونهري عُقاب جيڪي سپاهين جي سامهون چمڪيا ٿي، سندن گهري عقيدت جي علامت هيا ۽ سخت خطري واري صورتحال ۾ به ان مقدس جهنڊي کي وڃائڻ يا ڇڏي ڏيڻ کي انتهائي خراب ۽ سخت نحوست جي علامت سمجهيو ويندو هو.[34] ڪجهه اهر رڪاوٽون ۽ منصوبا جيڪي سوچي سمجهي شروع ڪيا ويندا هئا،

اُنهن کي خوف ۽ اُميد جي گڏيل جذبن سان کنهن مقصد کي سامهون رکي تکميل جي منزل تائين پهچايو ويندو هو. هر مهيني باقاعدگيءَ سان پگهار ملڻ، کڏهن کڏهن کي تحفا يا انعام اکرام ۽ کي اڳوات طئي کيل ٻيا معاوضا يا سهولتون، فوجي نوکريءَ جي ڪٺن زندگيءَ[35] ۾ گهٽيون آسانيون پيدا ڪري ڇڏيون هيون.

هوڏانهن واري اهو به نه وساريڻ گهرجي ته ڏيوتيءَ دؤران بزدلي يا حڪمن جي نافرماني ڪرڻ جي صورت ۾ کنهن به فوجيءَ لاءِ سخت کان سخت ترين سزا کان پهڻ يا بچي وڃڻ جو ڪٽان به ڪو ڳٽو ئي ڪونه هو. اُهي آفيسر جن وٽ هڪ سؤ رومي فوجين جي ڪمان هئي (Centurions) تن وٽ اختيار هو ته هُو کنهن به ڏوهيءَ کي زور سان ڏَڪَ هڻي سزا ڏين، جنرلن کي اختيار هو ته ڏوهي فوجيءَ کي موت جي سزا به ڏئي ٿي سگهيا ۽ ان وقت رومي نظم ۽ ضبط جو هڪ مڪمل اصول هو جنهن ۾ ڪابه ڦيرڦار نه آئي هئي ته، هڪ سٽي سپاهيءَ کي دشمن جي مقابلي ۾ پنهنجن آفيسرن کان وڌيڪ ڊڄڻ گهرجي. اهڙي تعريف لائق نظام جي ڪري شهنشاهي فوجن، ارادي ۽ عزم جي مضبوطي ۽ مليل حڪمن جي فرمانبرداريءَ سان بجا آوريءَ جا خوبصورت طور طريقا سکيا جيڪي بربرن جهڙي سوچ سمجهه کان خالي، ٻڙيل وِکريل ۽ غير منظم گروهه جي پهچ کان ٻاهر هيا.

مٽين سينيءَ ٻالهين جي باوجود، رومي اُن بهادريءَ جا هرگز قائل نه هئا جنهن ۾ فني قابليت ۽ مهارت نه هجي، سندن محاوري ۾ فوج جو لفظ، کنهن اهڙي لفظ مان نڪتل هو جنهن جو مقصد جسماني ورزش هجي.[36] باقاعدگيءَ سان فوجي ۽ جسماني ورزش کي تمام گهٽي اهميت هئي ۽ اهو ئي سبب هو جو سندن فوجي تنظيم بهتر کان بهتر هئي. رنگروٽن ۽ نوجوان سپاهين کي، صبح توڙي شام جو مسلسل فوجي تربيت ڏني ويندي هئي. وڏي عمر وارن يا گهٽي ڇاڻ رکڻ وارن وٽ به، روز جي فوجي مَشڪُن کان ڪُسائڻ جي ڪنجائش هرگز ڪانه هئي، پر کين اُهو سڀڪجهه روزانو ڏهرائڻو پوندو هو جيڪو ڪجهه پراڻن تجربيڪارن پاڻ حاصل ڪيو هو. سياري ۾ فوجين جي رهاش لاءِ وڏا شيڊَ ناهيا ويا هئا ته جيئن کنهن سخت ٺڏ يا طوفاني بارش ۾ سندن ڪارآمد محنت رائگان نه ٿي وڃي ۽ ڪَر جي وِڇ ۾ ڪا رُڪاوٽ نه اچي وڃي. ان ڳالهه جو خيال به ڏاڍي احتياط سان رکيو ويندو هو ته سخت موسم واري جنگ ۾، فوجي اسلحو، دستوري جنگ جي مقابلي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻيڻ تي موجود هجي.[37] هن ڪتاب لکڻ جو هروپرو هي مقصد ناهي ته رومي فوجن جي جسماني ورزش بابت ڪو وڏو داستان ٻڌائجي. اسان هتي فقط اهو چونداسين ته اُنهن اُهو سڀ ڪجهه سوچيو جنهن ذريعي جسر کي قُوتَ، عضون کي توانائي ۽ چرپر يا هلڻ چلڻ کي وقار ڏئي سگهجي. سپاهين کي وڏي محنت سان اڳتي وڌڻ، ڊُڪڻ، ٽپا ڏيڻ، ترڻ، وڏا بار کڻڻ ۽ اسلحي کي اهڙي نموني استعمال ڪرڻ جا طريقا کين ٻڌايا ويندا هئا جنهن ذريعي اُهو اڳرائيءَ توڙي حفاظت ڪرڻ، ڏورانهَن مُقابلن توڙي ويجهي مارَ لاءِ بهتر نموني استعمال ٿي سگهي. جڳهن جي تيز تر تبديلين جا سلسلا کيئن ناهجن ۽ بانسريءَ جي آواز يا يوناني توڙي فوجي ناچ جي صورت ۾، جنگ ۾ ڪاميابيءَ سان اڳتي کيئن وڌجي.[38] امن دؤران روم جي فوجن، جنگ جي مختلف گُرن سِکڻ ۽ اُن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هڪ قديمي مؤرخَ، جيڪو ساڻن جنگ ۾ وڙهيو هو، پنهنجي راءِ جو خوبصورت اظهار ڪيو آهي، ته کنهن به جڳهه تي فقط رَت جي پالوتَ ڏسڻ سان، جنگ جي يا جسماني ورزش جي ميدان جو فرق معلوم ٿيندو هو.[39] قابل جنرلن توڙي خود شهنشاهن جو دستور هوندو هو ته فوجي مشقن بابت، مطالعاتي گڏجاڻين ۾ پنهنجي ذاتي شرڪت کي يقيني بنائيندا هئا ته جيئن فوجين جي

همت افزائي ٿئي ۽ اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته هئبرئن توڙي ٽراجن اکثر ڪري پنهنجي ننڍي درجي وارن فوجين سان بہ بيحد شفقت ۽ پيار سان پيش ايندا هئا. ناتجربيڪارن کي هدايتون ۽ محنت ڪندڙن کي انعام اڪرام ڏيندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ساٿن وڏا بحث مباحثا بہ ڪندا هئا ته ڪهڙي شئي انعام ڏيڻ لائق هئي: وڏي فوجي طاقت يا ڪمال جي فوجي ٽڙتي ۽ چالاڪيءَ سان[40] هنن شهزادن جي حڪومت دوران جنگي حڪمت عملي جي سائنس کي پوري ڪاميابيءَ سان هلايو ويو ۽ شهنشاهت ۾ جيڪا توانائي ۽ طاقت هئي ته فقط هن ڪري ته سڪيا دوران مليل هدايتن ۽ اهر نقطن تي عمل ڪرڻ باعث ٿي روم جي فوجي نظر ۽ ضبط کي مثالي بنايو ويو.

جنگ جي نوَن صدين (نوَ سؤ سالن) فوج جي ڪارڪردگيءَ ۾ ڪجھ واڌارا ته ڪجھ تبديليون آنديون هيون. فوجي، جن کي پيونڪ جي جنگين (Punic Wars) ۾ پاليبيَس [41] بيان ڪيو آهي. اُنهن فوجين کان بلڪل مختلف هيا جن سيزر جون فتحون حاصل ڪيون يا جن هئبرئن ۽ ائنٽونئنز جي شهنشاهن جي حفاظت ڪئي هئي. شهنشاهي فوجن بابت آئيَن کي چند لفظن ۾ بيان ڪري سگھجي ٿو.[42] پيادل فوج جي مسلح دستي کي، جيڪو فوج جي اصل طاقت جو مظهر هو،[43] ڪيترن ٿي مٽجسٽريٽن ۽ سؤ سپاهين مٿان مقرر ٽيل آفيسرن جي حڪمن ذريعي، ڏهن ننڍن جَتّن ۽ پنجوَنجاهه ڪمپنين ۾ ورهايو ويو هو. پهريون جٿو بيحد بهادر سپاهين جو هو جن وٽ عقاب جو نشان بہ موجود هو ۽ هميشہ ان جٿي کي پنهنجي خواهش موجب بيحد اهر پوزيشن ڏني ويندي هئي. هي جٿو يارهن سؤ پنجن سپاهين تي مشتمل هو جيڪي جانثاري ۽ وفاداريءَ جي وصفن ۾ پنهنجو مَٿ پاڻ هئا. باقي نَوَ جٿا ۽ هر جٿو پنج سؤ پنجوَنجاهه سپاهين جو هوندو هو. اهڙيءَ طرح سڄي پيرين پيادي فوج ڇَهَ هزار هڪ سؤ فوجين تي مشتمل هئي. سندن هٿيار صفا هڪ جهڙا هئا جيڪي ڪم جي نوعيت کي ڏسندي کين ڏنا ويا هئا. مٿي تي پائڻ لاءِ تاجَ وانگر هڪ حفاظتي زرهَ چڙهيل ۽ ڪاپي ٻانهَن هڪ ڍال سان سينگاريل. ڍال جيڪا چارفوٽ ڊگهي ۽ اڍائي فوٽ ويڪري هئي، محرابدار ۽ مستطيل نموني جي هئي جنهن کي پٽل جون مضبوط پٽيون چاڙهي هر لحاظ سان محفوظ بنايو ويو هو. ان کانسواءِ هر فوجي سپاهيءَ لاءِ. هڪ هلڪو پالو، هڪ ڊگهو تيرُ جيڪو هو پنهنجي ساڄي هٿ ۾ کڻندو هو، مهيا ڪيو ويو هو. مٿي بيان ڪيل شين کان سواءِ ڇَهن فوٽن جو هڪ نوڪدار نيزو جيڪو جتي ختر ٽيو تي ته اتان وري ارڙهن انچ جو ٽِڪَنڊي قسر جو فريم فٽ ٽيل هو جنهن ۾ وري رُکَ جو ٽهيل تکو تيرُ، نيزي ۾ وڏي ڪاريگريءَ سان لڳايو ويو هو.[44] هي ننڍڙو هٿيار، اسانجن هاٿوڪن هٿيارن جي مقابلي ۾ تمام معمولي قسر جو هو چو ته پهرئين دفعي جي استعمال سان ئي ان جي طاقت فقط ڏهَن - ٻارهَن قدمن تائين پهچندي ئي ختر ٽي ويندي هئي، پر ان هوندي بہ جڏهن ڪنهن اداري ۾ هڪ هنرمند هٿ سان ان کي چوڙيو ويو ته ان وقت ڪنهن گهوڙيسوار فوج کي بہ جرئت نہ هئي ته ان جي وچ ۾ ٻيهي سگهي ۽ نہ وري کي زرهون يا ٻچاءَ بندَ ان جي زور ۽ تيزيءَ کي روڪي ٽي سگهيا. جيئن ئي هڪ رومي پنهنجي نيزي سان مارُ ڪرڻ چاهيو ته هن هڪدم پنهنجي تلوار ڪڍي ۽ تيزيءَ سان پڇندو وڃي دشمن کي سوڙهو ڪيو. اهو اسپين جو ٽهيل ٻہ مُنهون ڪاٽُ هو جنهن کي باهه تي تَئو ۽ پاٽي ڏئي مضبوط ڪري ٺاهيو ويو هو جيڪو حملي ڪرڻ يا ان کي ڪٽي اڇتي وڌڻ لاءِ نهايت ئي مناسب هو. پر سپاهيءَ کي هميشہ واسطي هدايتون مليل هيون ته ان هٿيار کي، بعد واري ڏنل ڏَسَ موجب استعمال ڪري چو ته اهڙيءَ طرح سندس پنهنجو جسر حملي آور کان گهٽي ۾ گهٽو محفوظ هوندو ۽ هُو پنهنجي دشمن تي آسانيءَ سان وار ڪري ۽ ڪيس

زخمي ڪري سگهندو.[45] گهٽ ڪري فوجي دستي کي اَڻ فوٽن تي بيهاريو ويندو هو ۽ سپاهين ۽ عام فوجين جي وچ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽن فوٽن جي وِڇي هر صورت ۾ رکي ويندي هئي.[46] فوجين جي تنظيم جيڪا مليل حڪمن کي محفوظ رکڻ يا هِنئين سان هنڌائڻ جي عادي بڻجي چڪي هئي، اُنهيءَ مان ڪنهن به فوجيءَ کي جيڪڏهن اوچتو ڪنهن ڏڳهي محاذ تي وڃڻ جي ذميواري ملي ويندي هئي تہ هو جنگي صورتحال ۽ پنهنجن ليڊرن جي مرضي ۽ مشوري مطابق بنا دير جي حڪمن جي تعميل ڪري ڇڏيندو هو. سپاهيءَ کي پنهنجي اسلحي جي استعمال، ان جي حفاظت ۽ پنهنجي ڇڏڻ جي آزادي هئي. ان ڪانسواءِ مناسب گهربل وقت ۾ ڪين ڏنو ويندو هو تہ جيئن ٽڪل ٽُٽل ويڙهاکن جي جڳهہ تي، موسمن جي تبديليءَ کي نظر ۾ رکندي وڌيڪ فوجي دستا موڪليا وڃن.[47] يونانين ۽ مئسيڊونيا وارن لاءِ فوجي حڪمت عملي مختلف اصولن تي ٺهي هئي. هڪ يوناني فوجي دستي جي طاقت سوَرهن ڏڳهن تِڪن تيرن ۾ لڪل هئي جيڪي پاڻ ۾ ڳُوڙهي طريقي سان ڳُنڍيل ۽ هڪ ٻئي جي بلڪل ويجهو ۽ سهٽي نموني سجايل هئا.[48] پر پوءِ اها ڳالهہ ڪجهہ اَنومانن تہ ڪجهہ بعد ۾ ٿيل واقعن مان صاف ظاهر ٿي وئي تہ يوناني فوجي دستي جي طاقت، رومي فوج کي للڪارڻ جي حيثيت ۾ هرگز نہ هئي.[49] گهوڙيسوار فوج، جنهن ڪانسواءِ ٻي فوج نامڪمل هئي، کي ڏهن جَٿن ۾ ورهايو ويو هو. پهريون جٿو. پنهنجي پهرئين ٽولي جي سالميءَ طور هڪ سؤ ٻَٽيهن ماڻهن تي مشتمل هو ۽ باقي نوَ (9) ٽولا.....۽ هر هڪ ٽولو چاهٺ ماڻهن جو هو. سيئي جَٿا ۽ ٽولا ملي ڪري هڪ اهڙي فوجي تنظيم ٺاهيندا هئا جنهن کي اسان موجوده زماني ۾ ريجيمينٽ چئون ٿا ۽ جنهن ۾ ست سؤ چوَيهہ گهوڙا هوندا هيا جيڪي پنهنجي فوجي دستي سان ڳانڍاپيل هوندا هيا پر ڪڏهن ڪڏهن ڪين جدا ٻہ ڪيو ويندو هو تہ جيئن علحدگيءَ جي حيثيت ۾ ٻہ پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن ۽ فوجي دستي جو هڪ نشانبر حصو ٻہ بڻجي سگهن.[50] شهنشاهن جي گهوڙيسوار فوجَ، قدير روم جي رياست جيان ڏهيل نہ هئي جنهن ۾ روم ۽ اٽلي جا معزز نوجوان شامل هوندا هيا جيڪي گهوڙن تي چڙهي پنهنجي فوجي نوڪريءَ جون ذميواريون پوريون ڪندي پاڻ کي ٻين عُهدن جهڙوڪ سينيٽر يا چيف مئجسٽريٽ لاءِ تيار ڪندا رهندا هيا ۽ پنهنجي بهادريءَ جي شهرت سبب پنهنجي ملڪي ماڻهن کي، مستقبل ۾ پنهنجي لاءِ ووٽَ وٺڻ لاءِ راضي ڪندا هئا.[51] انساني طور طريقن ۽ حڪومتن جي تبديليءَ سبب، گهوڙيسواريءَ جي فن ۾ جيڪي ماڻهو وڌيڪ دولتمند هئا، اُنهن کي انصاف ۽ روينيو[52] جو قلمدان ڏنو ويو هو ۽ جڏهن ٻہ اُنهن فوج جي شعبي ۾ شامل ٿيڻ چاهيو تہ فورن اُنهن کي يا تہ گهوڙن جي جٿن سان يا وري پيادل فوج[53] جي ٽولن سان شامل ڪيو ويندو هو. تراجن ۽ هئڊرئن پنهنجي گهوڙيسوار فوج اُنهن ئي صوبن ۽ رعيت جي اُنهن ئي طبقن مان ٺاهي، جنهن مان پيادل فوج کي پرتي ڪيو ويو هو. گهوڙن کي گهٽ ڪري اسپين يا ڪپاڊوشيا ۾ پاليو ويو هو. رومي فوجين کي پُوري زرهہ پائڻ کان سخت بُڇان لڳندي هئي جنهن ڪري مشرق جي گهوڙيسوار فوج کي رڪاوٽون پيش ايندين هيون؛ سندن ڪارآمد اسلحو هي هو: هڪ حفاظتي ٽوپلو، هڪ ڏڳهي بچاءَ جي پٽي، هلڪا جوتا ۽ زرهہ جيڪا جسر جي مٿئين حصي جي حفاظت ڪري، هڪ نوڪدار نيزو ۽ هڪ ڏڳهي ڪشادي تلوار، سندن اڳرائي واري حملي جا مکيہ هٿيار هيا. پانڌجي تہ تہ نيزن ۽ پالن جو استعمال بَربرن کان وٺن آيو هيو.[54]

شهنشاهت جي حفاظت توڙي ان جي وقار کي بحال رکڻ جي ذميواري تہ فوج تي هوندي هئي پر روم جي تعريف لائق ڳالهہ هيءَ هوندي هئي تہ جنگ جي باري ۾ هو جوگو ۽ مفيد قدم کڻندا هئا. صوبن ۾ ڪافي تعداد ۾

فوجن جي حاضري کي يقيني بنايو ويندو هو پر اهڙن صوبن جي ماڻهن کي باقاعدگيءَ سان رومي سڏرائڻ جو اعزاز ايڏا تائين نه مليو هو. سرحدن جي اردگرد ڪيترن ئي ٻين ني ياڙيندڙ شهزادن ۽ گروهن کي سندن آزادي ۽ تحفظ جي اوتري وقت لاءِ اجازت مليل هئي جيترو وقت هنن فوجي سروس ۾ گذاريو هو.[55] ملڪ جي پلائيءَ لاءِ دشمن بربرن جي چونڊيل سپاهين کي به يا ته زوريءَ يا وري کين قائل ڪري ڏکين موسمن وارين سرحدن تي موڪليو ويندو هو ته پلي پنهنجي خطرناڪ بهادريءَ کي آزمائي نِساها ٿي پوَن.[56] جيڪي به ڏاريا ماڻهو هڻا تن کي عام طور تي مددگار فوج سڏيو ٿي ويو ۽ وقت ۽ حالتن جي لاهن چاڙهن ۽ فرقن جي باوجود، سندن تعداد اصل فوجن جي مقابلي ۾ هروپرو ايترو به گهٽ نه هو.[57] مددگار فوجن اندر، جيڪي پنهنجي بهادري ۽ ملڪ سان وفاداريءَ سبب مشهور هيا، تن کي وڏن آفيسرن ۽ سرواٽن جي ماتحت ڪيو ويو ۽ کين رومي فوج جي نظر ۽ ضبط جي سخت ٽريننگ ڏياري وئي ۽ تمام گهٽن ماڻهن، پنهنجي ملڪ جي فطري لاڙن پٽاندر يا پنهنجي پراڻين عادتن ۽ طور طريقن مطابق اُهي هٿيار پاڻ وٽ رکيا جيڪي کين پسند هيا. اهڙي طرح، هر فوجي دستي کي سندن مدد ۽ معاونت لاءِ ڪجهه واڌارا تولا ڏنا ويا هئا. اُنهن وٽ هر قسم جا فوجي ميزائل ۽ ٻيا هٿيار موجود هيا جن ذريعي هُو هر قوم جو مقابلو ڪري پئي سگهيا ۽ ته وٽن هر قسم جا بهادر فوجي موجود هيا ۽ وڏي ڳالهه اها ته وٽن ڪمال جو نظم ۽ ضبط پڻ موجود هو.[58] سندن فوجي دستن وٽ ڪنهن به شئي جي ڪمي نه هئي پر وٽن ايترو ته اسلحو هو جو ان کي هاٿوڪي محاوري ۾ جيڪڏهن ايئن چئجي ته وٽن توبخاني جي پريل پوري ريل هئي ته غلط نه ٿيندو. وٽن ڏهه وڏي ۾ وڏيون ۽ پنجوَنجاهه ننڍي سائز جون فوجي انجڻون هيون، جيڪي سيئي يا ته ٽيڙيون يا وري سَنيون سڏيون ۽ هموار هيون جن منجهان پٽرن ۽ تيرن جو سخت زوردار وسڪارو ٿيندو هو ۽ جنهن کي روڪڻ ڪنهن جي وس ۾ ڪونه هوندو هو.[59]

رومي فوجي دستن جي ڪئمپ ڏسڻ سان هڪ قلعي نُما شهر جو گمان ٿيندو هو.[60] جيئن ئي جڳهه تي نشان لڳي ويو ته جوڏن جوانن جلد ئي زمين کي هموار ڪيو ۽ هر اُها رُڪاوٽ هٽائي ڇڏي جيڪا اُنهن جي آڏو آئي ٿي ۽ سندن ڪر جي رفتار ۾ خلل ٿي وڌو. ان جڳهه جي بيهڪ چوڪور يا چوڪور هئي ۽ اسان جي حساب موجب ست سؤ والن جو چوڪس ٽڪرو ويهه هزار رومين جي ڪئمپ لاءِ ڪافي هو. جڏهن ته اسان جي فوجن جو ساڳيو انگ، دشمنن آڏو اسان کي وائکو ڪري ڇڏيندو جو پهرئين جي مقابلي ۾ ٽيئ تي محاظ کولڻو پوندو. ڪئمپ جي وچ ۾، رومي شهنشاهه جا محافظ يا جنرل جا ماڻهو ٻين جي مقابلي ۾ مٿي ٿي بيهندا هيا، گهوڙيسوار، پيادل توڙي مددگار فوجي دستا پنهنجون پنهنجون جايون والاري ڇڏيندا هيا، گهٽيون ڪشاديون ۽ سڏيون هيون ۽ هر طرف کان ٻه سؤ فوٽن جي هڪ جڳهه تنبُن ۽ دفاعي مورچي جي وچ ۾ رکي وئي هئي، دفاعي مورچو گهٽو ڪري ٻارهن فوٽ اوچو هو جنهن ۾ تمام مضبوط ۽ منجهائيندڙ قسم جا لوها جهنگلا لڳل هئا ۽ ان کي ڏيگهه توڙي ويڪر ۾ ٻارهن فوٽن جي اونهي کڏ کوٽي وڌيڪ محفوظ بڻايو ويو هو. هي اهم ڪارنامو فوجي دستن پنهنجي هٿن سان پاڻ سرانجام ڏنو هو جيڪي کوڙ يا کهاڙيءَ جي استعمال کان به اوترائي واقف هئا جيترا ترار يا نيزي هلائڻ جا. ڦُرتي واري بهادري ته شايد قدرت طرفان تحفو هجي، پر صبر سان محنت ڪرڻ جي خاصيت فقط هڪ سڌي عادت، اصولن ۽ ضابطن تي عمل ڪرڻ جو نتيجو هوندو آهي.[61]

جڏهن ٻه توتارو وڃائي، ڪُوچ ڪرڻ جو اشارو يا اجازت ملندي هئي تہ ڪٽمپن کي فورن ڏاهيو ويندو هو ۽ فوجون سواءِ ڪنهن مونجهاري جي، بنا دير پنهنجن پنهنجن دستن ۽ جٿن ۾ شامل ٿي ويندیون هيون. پنهنجي اسلحي کانسواءِ جنهن کي تہ فوجون پنهنجي رستي جي رڪاوٽ هرگز نہ سمجهنديون هيون، سندن بورڇيخاني جو سامان، ڪٽمپن ۽ قلعن ناهڻ جون شيون ۽ ڪيترن ڏينهن جي کاڌي خوراڪ جو ذخيرو ٻه پاڻ سان کڻندا هئا. [62] اڇڪلهہ جي نازڪ تسر جي فوجين لاءِ تہ هيڏو سارو وزن کڻي هلڻ شايد هڪ عذاب ٻڌجي وڃي، پر هنن جي سِکيا ۽ طريقو ايڏو تہ ڪمال جو هو جو هُو باقاعدگيءَ سان قدم کڻندا، نظر ۽ ضبط کي پنهنجو ساٿي ٻڌائي اڳتي وڌندا ويندا هيا ڇو تہ کين ويهَن ميلن جو سفر ڇهَن ڪلاڪن ۾ طئي ڪرڻو هوندو هو. [63] جيئن ٿي ڪو دشمن ظاهر ٿيندو هو، تہ هو پنهنجو سامان پاسي تي اڇلائي، تيزي ۽ ڏيرج جي گڏيل جذبن سان، پنهنجين صفن کي منظر بنائي، ان کي لڙائيءَ جي محاظ ۾ بدلڻ ۾ دير نہ ڪندا هئا. [64] غُليلون هلائڻ وارن تورِّي تيراندازن جون جهڙپون سامهون ٿيندیون هيون: مددگار فوجي پهرين قطار ۾ هوندا هئا، جن جي مدد ۽ پٺيڙائي ڪرڻ لاءِ فوجي دستا هر وقت تيار رهندا هئا: گهوڙيسوار فوج پاسن کان محاظ سنياليندي هئي ۽ فوجي انجٽون سڄي محاظ جي پويان بيهاريون ويندیون هيون، جنگ جي اهڙن هنرن ۽ دوراندیشين ذريعي ٿي رومي بادشاهَ پنهنجن وڏن ۽ وسيع فتح ڪيل علاقن جي تحفظ کي يقيني بٽائي سگهيا ۽ فوجي جذبي ۽ روح کي اهڙي وقت ۾ سلامت رکڻ ۾ ڪامياب ٿيا جڏهن هر چگي ڳُڻ کي عياشي ۽ آمريت وڏو نقصان پهچايو هو. جيڪڏهن اسان سندن فوجن جي ڪارڪردگيءَ تي نظر ڪنداسين ۽ اُنهن جي نظر ۽ ضبط ۽ سندن تعداد جو اندازو ڪنداسين تہ اسان کي شايد تسلي بخش جواب نہ ملي سگهي. اسان جيڪڏهن حساب ڪيون تہ فوج جيڪا ڇَ هزار، اٺ سؤ ايڪٽيهن رومي جوانن تي مشتمل هئي، ان ۾ مددگار فوج جو تعداد ٻه جيڪڏهن جوڙجي تہ پوءِ سندن تعداد ساڍا ٻارنهن هزار وڃي ٿيندو، هٽبرٽن ۽ سندن بعد ۾ ايندڙن واري صلح جي زماني ۾ فوجين جو تعداد ٽيهن مضبوط برگيڈن کان گهٽ نہ هو جنهن ۾ گهٽو ڪري ٽي لک پنجهتر هزار ماڻهو هئا. اُهي فوجي، قلعي نما شهرن جي حدن ۾ رهڻ کي نہ رڳو ناپسند ڪندا هئا پر ان کي سخت ڪمزوري ۽ بزدلي سمجهندا هئا. تنهنڪري هو وڏين ندين ۽ دريائن جي ڪنارن تي ۽ بربرن جي سرحدن جي ويجهو وڃي پنهنجون ڪٽمپون قائم ڪندا هئا. سندن اسٽيشنون، گهٽو ڪري هڪ جڳهہ تي ۽ دائمي هونديون هيون ان ڪري بهتر ٿيندو تہ فوجن جي ورهاست بابت ڪجهہ ٻڌائجي. ٽي فوجي دستا، برطانيہ واسطي ڪافي هئا. وڏو اٽالو البت رائين ۽ دنيوب تي لڳايو ويو هو جنهن ۾ سورهن فوجي دستا هن ريت لڳايا ويا هئا: ٻہ دستا هيٺين ۽ ٽي مٿين جرمني، هڪ رهيشيا هڪ ناريڪر چار پنونيا ٽي ميسيا ۽ ٻہ ڊئسيا ۾ لڳايا ويا هيا. فرات جي حفاظت آئسن فوجي دستن جي حوالي ڪئي وئي هئي جن مان ڇہ شامَ ۾ باقي ٻہ ڪپادوشيا ۾ مقرر ڪيا ويا هيا. جيتري قدر مصر، آفريڪا ۽ اسپين جو تعلق آهي تہ اهي ٽيئي خِطا جنگ جي کارروائين کان محفوظ هئا، تنهنڪري فقط هڪ فوجي دستو اُتي لڳايو ويو هو، جنهن ايترن وڏن صوبن ۾ اندروني امن آمان ڪاميابيءَ سان قائم ڪري ورتو. اٽلي کي ٻہ ملينري جي طاقت کان محروم نہ رکيو ويو هو. ويهن هزارن کان مٿي چُونڊَ فوجي، جن کي " شهري جَٿن جا مُنهندار" يا "شهنشہ جا محافظ"، جهڙا خطاب مليل هيا، حڪمران جي سلامتي ۽ گاديءَ جي هنڌ جي حفاظت لاءِ مقرر ڪيا ويا هئا. ٻ ٻہ انقلاب جا باني هوندا آهن، اُهي ٽي شهنشاهت جي ڪمزوريءَ جو باعث ٻہ بٽبا آهن. شهنشاهہ جا محافظ ٻہ ت

۽ وڏي واکي پنهنجن مطالبن طرف اسان جو توجهه چڪرائيندا! پر سندن اسلحي توڙي ادارن ۾ اسان کي کاٻو اهڙي ڳالهه نظر نٿي اچي جيڪا فوجن جي مقابلي ۾ سندن حيثيت جي گهٽتائيءَ جو سبب بنجي سواءِ ان جي جو ڪٿي ائين نه ٿئي جو زور تہ رکو ڏيکاءَ تي هجي باقي نظر ۽ ضبط ڪمزور رهجي وڃي.[65]

شهنشاهن جيڪا ساموندي فوج مقرر ڪئي هئي. اُها سندن عظمت ۽ وقار مطابق نہ هئي پر حڪومت هلائڻ جي هر مقصد لاءِ پوءِ بہ ڪافي هئي، رومين جي گهٽي دلچسپي زمين سان هئي، انهن جنگجُو ماڻهن کي تاثر، ڪارٿيج ۽ مرساءِ جهڙن جهاز رانن وانگر نہ دنيا جون سرحدون وڌائڻ جي لالچ هئي ۽ نہ ڪين پري پري جي ساموندي ڪنارن تائين وڃي تجربن ڪرڻ يا طاقتون آزمائڻ جي ضرورت هئي، عجيب ڳالهه هيءَ هئي تہ رومين لاءِ سمنڊ، شوق ۽ اشتياق کان وڌيڪ هڪ خطري ۽ خوف جي علامت هو.[66]

ڪارٿيج جي تباهي ۽ ساموندي لُٽيرن جي پاڻ پٽجڻ ڪانپوءِ بحيرہ روم جي سڄي پَٽي سندن صوبي ۾ شامل ٿي وئي، شهنشاهن جي پاليسي اها هئي تہ سمنڊ جي حدن ۾ ڪنارن تي امن ۽ سڪون رهي ۽ سندن رعيت جو ڏنڊو ڏاڙي ۽ وٽج واپار بہ بحال رهي. اعتدال پسند آگسٽس ہ فوجي ٻيڙا اتلي جهڙي هر لحاظ سان مؤزون بندر تي روانا ڪيا، جنهن مان هڪ انڊرٽڪ سمنڊ تي روينا وٽ ۽ ٻيو نئپلس جي نارَ تي مسينر جي ويجهو لڳايا ويا هئا. هڪ ڊگهي عرصي جي تجربي، قديمي ماڻهن کي ان ڳالهه جو قائل ڪري ڇڏيو هو تہ جڏهن بہ سندن ساموندي جهاز ٻن جي انگ کان وڌيا يا وڏ ۾ وڏ وَنجهن وارن ٽن جهازن تائين تعداد پهتو تہ سمجهو تہ اُهي، ماڻهن جي پُرخلوص خدمت ڪرڻ بجاءِ آجائي آڪڙ ۽ ڦوندڙ جي ور چڙهي ويا. ائڪٽيم * جي فتح ۾ آگسٽس پنهنجي دشمن جي محلات نما جهازن جو ڪمال ڏٺو هو[67] (جن کي لبرنينس سڏيو ويندو هو) لبرنينس منجهان هن بہ جنگي ٻيڙا، روينا ۽ مسينر لاءِ تيار ڪيا جيڪي بحرہ روم جي ڊويزن جي اوير ۽ اولهه جي سرحدن جي ڪمان ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيا ويا. هنن ٻن بندرن، جن کي رومي نيوي جي مکيہ جڳهن ۾ هڪ خاص مقام ڇڻي سڳهجي ٿو، کان علاوہ فوجين جو هڪ وڏو تعداد پراوينس جي ڪناري تي فريجس وٽ ڇڏيو ويو. ۽ ايگزين + جي حفاظت ڇاليهن جهازن ۽ ٽن هزار سپاهين تي ڪئي. هنن سيني ۾ اسان هڪ ساموندي ٻيڙي جو اضافو ڪيون تا جنهن گال ۽ برطانيہ جي وچ ۾ مواصلاتي نظام کي برقرار رکيو. رائين ۽ دنيوب تي گهٽا جهاز هر وقت موجود رهندا هئا تہ ملڪ کي ڊيڄارجي يا وري بربرن جي اڃ وچ جو رستو روڪجي.[68] جيڪڏهن اسان شاهي فوجن جي حالت جو جائزو وٺون، يعني گهوڙيسوار، پيادل فوج، فوجي دستا، مددگار جَٿا، چوڪيدار ۽ ساموندي فوج تہ ان وقت اسان جيڪڏهن گهٽي فراخ دلي سان بہ اندر ۾ جهاتي پايون تہ پوءِ اها ڳالهه مناسب معلوم ٿيندي تہ جي اسان ذري گهٽ سڀ فوجي بہ سمنڊ جي پاسي يا زمين تي لڳائي ڇڏيون تہ بہ اُنهن جو تعداد ساڍن چئن لکن کان مٿي نہ ٿيندو جيڪا هڪ اهڙي فوجي طاقت آهي جيڪا پلي جيتري بہ وڏي لڳي پر پوئين صديءَ جي هڪ بادشاهہ ان تعداد سان برابري ڪئي هئي، جنهن جي بادشاهت روم جي شهنشاهت جي هڪ صوبي تائين محدود هئي.[69]

اسان اهو واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته هئڊرئن ۽ انٽونائنز جي حڪومتن کي ڪاميابيءَ سان هلائڻ لاءِ ضرور ڪو جذبو ۽ ڪا طاقت هئي جو هو ڪامياب ٿيا. اسان هاڻي ڪولي ڪولي ۽ مختصر نموني سان ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته اهي متحد ٽيل صوبا جيڪي اڳ سندن اثر هيٺ هئا، هاڻي هڪ ٻئي کان جدا ٿي نه رهڻو هڪ ٻئي کان ڌار ڌار ٿي ويا پر هڪ ٻئي جا دشمن بہ ٿي ويا.

اسپين، يورپ جي بادشاهت جي اولهہ واري ڪُنڊ جي قديمي ملڪ، هر دؤر ۾ ۽ هر صورت ۾ پنهنجين قدرتي سرحدن کي محفوظ رکيو آهي. پائرينين جبل ۽ بحيره روم ۽ بحر اوقيانوس جو هيڏو سارو وڏو جزيرو جيڪو هن وقت هن خود مختيار حاڪمن جي وچ ۾ گهٽ وڌ حصن ۾ ورهايل آهي، ان کي آگسٽس ٽن صوبن ۾ ورهايو. يعني لوسيٽانيا، بيٽيڪا ۽ تراڪونينسس. پورچوگال جي شهنشاهت هاڻي لوسيٽانيَس جهڙي جنگُجو ملڪ جي جڳهہ پري ورتي آهي: ۽ مشرق طرف پورچوگال جيڪو نقصان برداشت ڪيو آهي، ته اتر طرف هڪ علاقي جي ساڻس ملڻ سبب ان جو ازالو ٿي ويو آهي، گرانڊا ۽ اندلس جون حدون، قديمي بيٽيڪا سان مطابقت رکن ٿيون. اسپين جو باقي حصو، گئليشيا، ۽ استورياس، بسڪي ۽ نوار، لون، ۽ ڪاسٽائيلز، مرسيا، وئلينسيا، ڪٽالونيا ۽ اراگن سڀني گڏجي فيصلو ڪيو ته رومي حڪومت جو ٽيون اهم مرڪز ٿاهجي جيڪو سندس گاديءَ جي هنڌ واري نالي پٽيان هجي ۽ جنهن کي تراگونا[70] جو صوبو ٿاهيو ويو. مقامي بربرن منجهان سيلٽيبريَنس تمام گهٽا طاقتور هيا ۽ ڪٽابريَنس ۽ ائسچوريَنس وري بيحد ضدِي ۽ هوڏي هئا. پنهنجن جبلن جي مضبوطيءَ جي زور آڏر، هو آخري ماڻهو هئا جن روم جي فوجين آڏو آڏ مڃي ۽ اُهي ئي وري پهريان هيا جن عربن جي تابعداريءَ جو ڇڏُ پنهنجي ڇڇيءَ مان ڪڍي اڇلائي ڇڏيو.

قديمي گال جون سرحدون سڄي ملڪ تائين پکڙيل هيون. يعني پائرينيز، ائلپس جا جبل، رائين ندي ۽ سمنڊ تائين ۽ اهو آسانيءَ سان چئي سگهجي ٿو ته موجوده فرانس کان بہ هي ملڪ پکيڙ ۾ وڏيڪ وڏو هو. ان مؤروثي بادشاهت جي حد ۾، جنهن ۾ تازو السيس ۽ لورين بہ شامل ٿي ويا هيا، اسان سَواءِ جو پرڳڻو، سئزرلئنڊ جا ڪجهہ پاڳا، رائين جا چار انتخابي حلقا ۽ ليج، لڪسمبرگ، هئنات، فلانڊرس ۽ برٽينٽ جا علائقا بہ شامل ڪنداسين. جڏهن آگسٽس پنهنجي پيءُ جي فتحن بابت قانون ٿاهيا ته هُن، پنهنجي فوجين جي ترقي ۽ بهتريءَ لاءِ گال جي هڏ ڏويزن ٿاهي جيڪا ندين جي وهڪري ۽ پنهنجي قومي امتيازي اعزازن جي عين مطابق هئي جنهن ۾ سؤ ڪان وڌيڪ آزاد رياستن کي بہ پنهنجن حدن ۾ ملائڻ ۽ ضم ڪرڻ شامل هو.[71] بحيره روم، لئگئڊاڪ، پراونس ۽ ڊافين جي سامونڊي ڪنارن کي صوبائي خطابَ ناربون + جي ڪالوني ڪان ملندا هيا. اڪٽين جي حڪومت کي پائرينيز ڪان لائر تائين وڌايو ويو. لائر ۽ سين جي وچ واري ملڪ کي ڪلٽي گال سڏيو ويو جنهن وري جلد پنهنجي لاءِ لُگڊنم يا لِينَس جي مشهور ڪالوني ڪان نئون نالو ورتو. بيلجمي حدَ سين ڪان ٻي پري هئي ۽ قديمي دؤر ۾ اسان سان رائين جي حد لڳندي

هئي، پر سيزر جي دؤر کان ٽورو اڳ، جرمني پنهنجي طاقت ۽ بهادريءَ جو ناجائز فائدو ونندي، بيلجيم جو تمام گهٽو علاقو پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏيو. روم جي فاتحن نئين صورتحال سان سمجهوتو ڪري ان کي قبول ڪري ورتو ۽ باسل کان ليڊن تائين رائين جي ڪنارن سان گال جي سرحدن کي مٽين ۽ هينئين جرمني، جهڙن عزت ۽ ناموس وارن نالن سان سڏڻ کي فخر لائق سمجهيو ويو [72] اهڙيءَ طرح ائنٽرننز جي حڪومت ۾ گال جا جيڪ صوبا هئا، ناربونيز، اڪئٽين، ڪلٽي يا ليونز، بيلجيم جو صوبو ۽ ۽ جرمنيون.

اسان اڳ ۾ ئي هڪ موقعي تي برطانيه جي فتح جو ٻڌائي چڪا آهيون ۽ ان علاقي ۾ رومي حدن کي مقرر ڪرڻ بابت ٻه ڪولي بيان ڪيو آهي، ان ۾ سڄو انگلنڈ، ويلز ۽ اسڪاٽلنڈ جا هيٺاهان علاقا، ڊمبارٽن ايڊنبرا جا خليجي علاقا ٻه شامل آهن. برطانيه جي آزادي وڃائڻ کان اڳ سڄو ملڪ نهايت ئي بيقاعدگيءَ سان بربرن جي ٽيهن ذاتين ۽ قبيلن ۾ ورهايل هو، جن مان نمايان هي هيون: اولهه ۾ بيلجي، اُتر ڈي برگنٽيز ڈڪڻ ويلز ۾ سليورس ۽ نارفوڪ ۽ سفوڪ جي علاقن ۾ آڪسيني رهندا هيا.[73] جيتري قدر تاريخي لحاظ سان اخلاق عادتن ۽ زبان جي ويجهي تعلق جو سوال آهي ته اسپين، گال ۽ برطانيه ۾ ساڳي قسر جا سخت جان ۽ وحشي ماڻهو رهندا هئا. رومي قبضي ۾ اچڻ کان اڳ هو اڪثر جهيڙن جهڳڙن ۽ اجاين مقابلن ۾ وقت وڃائيندا هئا. مفتوح ٽيڻ کان پوءِ هنن يورپي صوبن جي هڪ مغربي ڊويزن ناهي جيڪا هڪ طرف هرڪيولس جي حدن کان ائنٽونينس جي ديوار تائين ته ٻي طرف ٽئگس جي مُهڙ کان رائين ۽ دنيوب جي چوڑن تائين پکڙيل هئي.

جنهن ملڪ کي هاڻي لومبارڊي چوَن ٿا، اهو روم وارن جي فتح کان اڳ ائلي جو حصو نه سمجهيو ويندو هو. ان تي گالز جي طاقتور ماڻهن قبضو ڪيو هو جن، پو (PO) جي ڪنارن تي جابلو علاقي پائيڊمانٽ کان رومڻگنا تائين پاڻ کي مستحڪم ۽ مضبوط بنائي ڇڏيو هو ۽ هٿيار ڪٽي ائلپس کان آپينن تائين پنهنجو نالو نروار ڪري ۽ خوب ڏاڪو ڄمائي ڇڏيو هو. لگورَينس هڪ پهاڙي علاقي ۾ رهندا هئا جنهن کي هاڻي جينئا جي آئيني رياست ٿو سڏجي. وينس اڄا وجود ۾ ئي ڪونه آيو هو پر ان رياست جي حدن ۾ جيڪي ائڊج جي اوپر طرف آهن، وينس جا ماڻهو رهندا هئا. [74] پرڳڻي جو وچون حصو جنهن ۾ ٽسڪني جي ڏچي ۽ هڪ ڪليسائي رياست اڄي وجي ٽي. دراصل ايٽروسڪنس انبرٽن جي قديمي جڳهه هئي ۽ ائلي، ايٽروسڪنس جو ٽورائٽو هو جو اتان ئي انساني تهذيب جا شروعاتي آثار مليا هيا. [75] ٽائبر، روم جي ستن ٽڪرين جي پاڻن منجهان مٽي اُپريو ۽ سئبنس، لاطينين ۽ وولسي جو ملڪ، ان درياهه کان نئپلس جي سرحدن تائين، ننڍين فتحن جو مرڪز بڻجي ويو. ان پاڻ پرئي ميدان تي پهرين چيف مئجسٽريٽن کي حق ٽي پهتو ته هو خوشيون ۽ شادمانا ڪن ۽ پوءِ اُنهن جي پوين وارٽن گهرن کي سينگاريو ۽ سندن بعد وارن نسلن پنهنجي مذهبي برادريءَ لاءِ رهائش گاهون ٺهرايون. [76] نئپلس جون نزديڪي حدون ڪٽيٽا ۽ ڪئمپانيا وٽ هيون، شهنشاهت جي باقي علاقن ۾ هيون ڪيترين ئي جنگجو قومون رهنديون هيون جهڙوڪ مارسي، سمنائيٽس، اپولينس ۽ لُوڪئنينس هيون جيڪي ڪافي سُڪيا ستابا ۽ خوشحال ماڻهو هيا. اسان هتي اهو به ٻڌائيندا هلون ته جڏهن آگسٽس، ائلي کي يارهن حصن ۾ ورهايو هو ته اِسٽريا جو ننڍو صوبو روم جي خود مختيار حڪومت جي گاديءَ جي هنڌن ۾ ضم ڪيو ويو هو. [77]

روم جا يورپي صوبا رائين ۽ دنيوب ندين جي وهڪرن سبب محفوظ هيا. پوئين تيز وهڪري واري ندي، جيڪا پهرين ڪان فقط ٽيهن ميلن جي مفاصلي تي ڪَرَ ڪيي نڪري ٿي، ڏکڻ اوپر طرف تيرهن سؤ ميلن ڪان وڌيڪ مفاصلو طئي ڪري ٿي ۽ رستي تي ست ندين جو دادُ ۽ آفرين وٺندي، چهن چوڻن مان گذرندي، آخرڪار ايگزين ۾ وڃي پنهنجو آڏر ياءُ ڪرائي ٿي، پر ايگزين شايد ٿي ان قابل هجي جو هيترو سارو پاڻي وڃي سندس سلام ڪري. [78] دنيوب جي صوبن کي جلد ٿي معتبري ملي وئي يعني اِليريڪر يا اليرين سرحد جو ڪين خطاب ملي ويو [79] جن کي بادشاهت جا جنگجو صوبا سمجهيو ويندو هو پر اُهي ان لائق ضرور آهن تہ اُنهن کي هيٺين نالن سان ياد ڪيو وڃي: رهيٽيا، نوريڪر، پنونيا، ڊالميٽيا، ڊئسيا، ٿريس، ميسيڊونيا ۽ يونان. رهيشيا جو صوبو، جنهن وندبليشينس جو نالو جلد ٿي مٽائي ڇڏيو، ائلپس جي چوٽين کان ٽيندو دنيوب نديءَ جي ڪنارن تائين بلڪ ايا به اڄڪلهه اِن (INN) ندي سان گڏيل وهڪري جي صورت اختيار ڪري ويو. هن ملڪ جي اهر ڪر جو دارومدار بوَئريا جي انتخاب تي آهي: آگسبرگ جو شهر، جرمني جي شهنشاهت جي آئين ذريعي محفوظ آهي: ڪِرسنس * پنهنجن جبلن ۾ سلامت آهن ۽ ٽِرال جو ملڪ، آسٽريا جي ڪيترن صوبن منجهان هڪ تمام اهر صوبو آهي.

علاقتي جي سرحد، جيڪا ٽن ندينِ ان، دنيوب ۽ سيو جي وچ ۾ آهي، آسٽريا، اسٽيريا، ڪارنٽيا، ڪارنيولا، هيٺين هنگري ۽ اسڪلئوونيا جا ماڻهو تن کي نوريڪر ۽ پنونيا جي نالن سان چاڻندا هئا. سندن آزاديءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ توڙي جو انهن جا رهواسي خطرناڪ هيا پر پوءِ به پاڻ ۾ ڏاڍي ميٺ محبت ۽ رهندا هيا. رومي حڪومتن جي دوُر ۾، اُهي گهٽو ڪري پاڻ ۾ متحد هيا ۽ اجان تائين اُهي پنهنجي والدين سان گڏ هڪ ڪٽنب طورگڏجي رهن ٿا. هاڻي هنن وٽ جرمن شهزادي جو گهر آهي، جيڪو پاڻ کي روم جو بادشاهه ظاهر ڪري ٿو پر آسٽريا جي طاقت جو محور ۽ مرڪز ٿو ٻڌجي. اهو سمجهڻ غلط نہ ٽيندو تہ بوهيميا، موراويا ۽ آسٽريا جي ڪجهه اُترين حصن ۽ ڊِيس ۽ دنيوب جي وچ ۾ هنگري جي ڪجهه حصن کانسواءِ، آسٽريا جي عظمت جون سيئي سرحدون رومي شهنشاهت جي حدن اندر ٿي آيون.

ڊالمٽيا جنهن سان اِليريڪر جو نالو منسوب هو، سيو ندي ۽ ائڊرئٽڪ سمنڊ جي وچ ۾ هڪ ڊگهو ۽ سوڙهو ٽکرو هو. ساموندي ڪناري جو بهترين حصو، جيڪو اڄا تائين پنهنجي قديمي اعزازن جا خطاب پاڻ وٽ رکي ٿو، وينس جي رياست جو صوبو ۽ رگوسا جي گاديءَ جو هنڌ آهي. اندروني حصن پنهنجا نالا ڪروشيا ۽ بوسنيا رکي ڇڏيا جيڪي دراصل اسڪلئوونين نالا آهن. ڪروشيا، آسٽريا جي گورنر جا حڪم ٿو مڃي تہ وري بوسنيا، ترڪي جي پاشا جا، پر سڃي ملڪ ۾ جاڏي ڪاڏي بربر قبيلا ڇانيل آهن جن جي ڇڙواڳ آزاديءَ غير متوازن طور تي عيسائي ۽ اسلامي طاقتن جي توازن کي مشڪوڪ ڪري ڇڏيو آهي. [80]

جڏهن دنيوب ۾ ڊِيس ۽ سيو ندين جو پاڻي آيو تہ يونانين پوءِ ان کي اِسٽر [81] جو نالو ڏنو. اڳ ۾ ان ميسيا ۽ ڊئسيا کي ورهايو هو، پويون جيئن اسان کي اڳ ۾ ئي سڌ آهي، تراجن جو فتح ٿيل هو ۽ جيڪو نديءَ کان اڄڪلهه ئي صوبو هو. جيڪڏهن اسان اُنهن ملڪن جي موجوده حالت بابت معلومات حاصل ڪريون تہ اسان کي خبر پوندي تہ دنيوب جي ڪاهي پاسي تيميسوَر ۽ ٽرنسلوانيا کي، ڪيترن انقلابن کان پوءِ هنگري جي بادشاهت سان ملايو ويو آهي، جڏهن تہ مالدئويا ۽ ويلچيا جي ننڍن ننڍن پرڳڻن ۽ علاقن، ترڪيءَ جي برتري کي تسليم ڪري ورتو آهه

يورپي حڪومت جي وچين دؤر ۾. ڊنيوب جي ساڃي پاسي مٿسيا ٿُنّي ويو ۽ ان مان بربرن جي بادشاهت وارا ملڪ سروِيا ۽ بَلگيريا ٻڌجي ويا هٿا پر پوءِ ترڪيءَ جي غلاميءَ هيٺ ٻيهر متحد ٿي ويا.

روميليا جو خطاب، جيڪو ترڪن طرفان وڏن ملڪن جهڙوڪ ٿريس، مٿسيڊونيا ۽ يونان کي اڃا تائين عطا ڪيو ويندو آهي، رومي شهنشاهت ۾ سندن رياست جي پراڻين يادن کي تازو رکندو آهي. ائٽونينز جي وقت ۾ هيمَس ۽ روڊوپ جي جبلن کان وٺي بأسفورس ۽ هيلسپانٽ تائين، ٿريسس جا جنگي علاقا هڪ صوبي جو روپ وٺي چڪا هيا. باسفورس جي ڪناري تي روم جو نئون شهر جنهنجو بنياد ڪانسٽنٽائن رکيو، حڪمرانن توڙي مذهب جي تبديليءَ جو باوجود، ان زماني کان وٺي عظيم شهنشاهت جي گاديءَ جو هنڌ رهندو آيو آهي. سڪندر اعظم جي حڪومت ۾ مٿسيڊونيا جي شهنشاهت ايشيا لاءِ قانون ٺاهيا جن ۾ فلپس جي پاليسين، ۽ ايپيرس ۽ ٿيسلي جهڙن تابعدار پرڳڻن، جن جون حدون ايجين کان آيونين سمنڊ تائين هيون، مان گهٽي ۾ گهٽو فائدو ورتو. جڏهن اسان ٿيبس، آرگوس، اسپارٽا ۽ ائينس جي شهرت ذهن ۾ آڻيون ٿا ته، اسان ڇڙ پاڻ کي به مطمئن نٿا ڪري سگهون. قديمي يونان جون ڪيترين ئي لافاني رياستون، روم جي شهنشاهت جي هڪڙي ئي صوبي ۾ گم ٿي ويون جيڪي ايڪئن ليگ جي زبردست اثر هيٺ اچي ويون جنهن کي گهٽو ڪري آڪيا جو صوبو چيو ويندو هو.

روم جي شهنشاهت جي حڪومت ۾ يورپ جو اهو نقشو هو. ايشيا جا صوبا، ٽراجن جي دؤر جي عارضي فتحن کانسواءِ، سيئي ترڪيءَ جي اثر ۽ تسلط هيٺ اچي وڃن ٿا. پر هڪ طرفي، آمراڻي ۽ جهالت جي ورهاڱي تي عمل ڪرڻ بجاءِ، اهو اسان لاءِ وڌيڪ آسان ۽ تسليم ڪرڻ جهڙي ڳالهه هوندي ته قدرت جي اڻ مٽ نشانين کي تمام غور سان ڏسون. مالڪيت جي حق سميت ايشيا مائنر هڪ اهڙي جزيري سان لاڳاپيل آهي جيڪو ايگزين ۽ بحيره روم تائين محدود رهڻ جي باوجود، سندس سرحدون فرات کان وٺي يورپ تائين ڦهلجي وڃن ٿيون. جبل توُرس ۽ هيلس نديءَ جي اولهه ۾ هڪ تمام وڏو ۽ سڪيو ستابو ضلعو آهي جنهن کي رومين تمام وڏي عزت بخشي ۽ ان کي ايشيا جهڙو لقب ڏنائون، ان صوبي جون انتظامي حدون قديمي بادشاهتن جهڙوڪ ٽراءِ، لڊيا ۽ فرجيا ۽ بحري پٽي وارن ملڪن جيئن پمفيليئس، ليسئس، ۽ ڪئريئس ۽ آيونيا جي گريشين ڪالونين کان ٻه ايجا اڳتي هيون جن فوجي سازوسامان ۾ نه ٿي سهي پر هنرن ۽ ڪاريگرين ۾ پاڻ کان وڏن صوبن سان وڃي ڪلهو ڪلهي ۾ ملايو ۽ نالو ڪڍيو. بِٿنيا ۽ پانٽَس جون بادشاهتون قسطنطنيه کان وٺي ٽريبزانڊ تائين جزيري جي اترئين علاقي جون مالڪ هيون، مخالف طرف ڏي سليشيا جو صوبو شام جي جبلن جي وچ ۾ اچڻ سبب ٿُنّي ۽ جدا ٿي ويو. شام هڪ اندروني نوعيت جو ملڪ، جنهن ڪڏهن ڪپادوشيا جهڙي خود مختيار بادشاهت ٺاهي هئي، رومي ايشيا کان هٽلس ندي ته وري آرمينيا کان فرات ان کي جدا ٿي ڪيو. هتي اسان اهو به ڏسون ٿا ته ايشيا ۾ ٽربيزانڊ کان ۽ يورپ ۾ ڊنيوب کان اڳتي، ايگزين جا اتريان ڪنارا، شهنشاهن جي اختيار ۽ حڪمرانيءَ کي تسليم ڪري چڪا هئا ۽ شهزادن جو آڏر پاڻ ڪري يا ته ڪين ڏَنُ ڏيندا هئا يا وري رومي فوجين جو سلام ۽ تعظيم ڪندا هئا. بلڪ، ڪرم، ٽارٽري، سرڪاسيا ۽ منگريليا انهن وحشي ملڪن جا جديد لقب آهن.[82]

سڪندر اعظم جي وارثن جي حڪومت ۾ شام، سيلوسيڊا جي گاديءَ جو هنڌ هو جنهن ٽيستائين مٿين ايشيا تي حڪومت ڪئي جيستائين پارٿينس ڪامياب بغاوت ڪري سندس حڪومت جي حدن کي فرات ۽ بحيره روم

جي وچ ۾ محدود ڪري ڇڏيو. جڏهن شام، روم جي شهنشاهت جي رعيت بڻجي ويو تہ ان پنهنجي بادشاهت جي مشرقي سرحد تہ قائم ڪئي پر ان ڪشادي ۽ پکڙيل صوبي کي اتر ۾ ڪپاڊوشيا جي جبلن، ۽ ڏکڻ ۾ مصر ۽ ڳاڙهي سمنڊ جي حدن کانسواءِ، پنهنجي سرحدن جي بي کابہ خبر ڪانہ هئي. فونيشيا ۽ فلسطين کي، شام جي انتظامي حدن ۾ ڪڏهن ڳنڍيو تہ ڪڏهن وري ٽوڙيو ويندو هو. پهريون هڪ سوڙهو ۽ جابلو ڪنارو هو ۽ ٻيو علائقو ايراضي توڙي پيداوار جي لحاظ سان ايئن سمجهجي تہ ويلز کان شايد ئي بهتر هجي. ان جي باوجود فونيشيا توڙي فلسطين انسانن جي ذهن ۽ يادن ۾ سدائين موجود رهندا چو تہ آمريڪا توڙي يورپ[83] هڪڙي کان خط وصول ڪيا آهن تہ ٻي کان اُنهن مذهب ورتو آهي. وٽن ۽ پاڻيءَ کان خالي هڪ واريائو ميدان شام جي مشڪوڪ ڪنارن کان ڪيندو. فرات کان وٺي ڳاڙهي سمنڊ تائين پکڙيل آهي، عربن جي خانہ بدوش زندگي توڙي سندن آزادي هڪ ٻئي سان لازم ملزوم هيون ۽ جڏهن بہ هنن ڪنهن غيرآباد جڳهہ تي پنهنجي اَجهي ۽ رهڻ لاءِ گهر ٻار ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اُهي وسندين ۽ آبادين بہ جلد ئي روم جي شهنشاهت جي رعيت ۾ تبديل ٿي ويون.[84]

قديمي دؤر جي جاگرافي جا ماهر اڪثر ڪري مونجهاري جو شڪار رهيا آهن تہ مصر کي دنيا جي کهڙي جڳهہ تي ڏيکاريو وڃي يا ان جو تعين ڪيو وڃي.[85] قدرتي بيهڪ ۽ بناوٽ جي حساب سان تہ اها عظيم شهنشاهت، آفريڪا جي وڏي ۽ وسيع جزيري ۾ شامل آهي پر ان تائين وڃڻ يا پهچڻ جو رستو فقط ايشيا کان آهي جتي تاريخ جي هر دؤر ۾ جيڪي انقلاب آيا تہ مصر وڏي نياز ۽ نوڙت سان اُنهن کي قبول ڪيو. هڪ رومي مئجسٽريٽ کي بطليموسن جي شاندار تخت تي ويهاريو ويو. ۽ مملوڪن جي لوهي لَٽ هاڻي ترڪيءَ جي پاشا وٽ آهي. نيل ندي ملڪ ۾ وهندي ۽ پنج سؤ ميلن جو سفر طئي ڪندي خط جدي کان بحيره روم تائين وڃي ٿي ۽ پاڻيءَ جي تيز وهڪري ۽ ٻوڏن ذريعي هر طرف ۽ هر پاسي پيداوار ۽ ساوڪ سبزي کي وڌائي ٿي، سائرين جيڪو اولهہ طرف سمنڊ جي ڪناري تي آهي، پهريون يونان جي ڪالوني هو، بعد ۾ مصر جو صوبو ٿيو ۽ هاڻي برڪا جي بيابان ۾ گم ٿي ويو آهي.

آفريڪا جو ڪنارو، سائرين کان سمنڊ تائين پندرهہ سؤ ميلن تائين ڊگهو آهي، پر ان هوندي بہ بحيره روم ۽ سحارا يا واريائي ميدان جي وچ ۾ ايڏو تہ گهيريل آهي جو ان جي ويڪر مشڪل سان اَسي نہ تہ وڌ ۾ وڌ سؤ ميل هوندي. رومين جيڪا اوپر کان حد بندي ڪئي هئي، ان کي آفريڪا جو صحيح ۽ مڪمل صوبو تصور ڪيو ٿي ويو. فونيشيا جي ڪالونين قائم ٿيڻ تائين، اهڙي سرسبز ملڪ ۾ ليبيا جا ماڻهو رهندا هئا جيڪي انسانڌات جا وڌ ۾ وڌ وحشي ماڻهو هيا. ڪارٿيج جي انتظامي حدن هيٺ، اهو بادشاهت جي ڏاڏي ۽ واپار جو مرڪز ٿي ويو. پر ڪارٿيج جو ملڪ هاڻي بگڙي وڪري ٽرپولي ۽ تيونس جهڙين نهايت ئي غير منظم ۽ ڪمزور رياستن ۾ تبديل ٿي ويو آهي. الجيرس جي فوجي حڪومت نيوميديا جي گهٽي حصي کي تڪليف ٿي پهچائي، ڪڏهن اها مئسينيسا ۽ جگرتا هيٺ متحد هئي، پر آگسٽس جي وقت ۾، نيوميديا جون حدون گهٽجي نديون ٿي ويون ۽ ملڪ جا گهٽ ۾ گهٽ ٽي حصا ماريٽنيا جي نالي ۾ سيزيريئينسس جي لقب سان وڌيڪ اطمينان محسوس ڪرڻ لڳا. اصلي ماريٽنيا جنهن کي مُورس جو ملڪ يا قديمي شهر ٽنجي يا ٽئنجيئر چئبو آهي ۽ جنهنکي ٽنجيٽانا جو خطاب بہ مليو، ان جي نمائندگي سمنڊ تي فيض ۽ ، الي ڪري رهيا آهن ۽ جيڪي ڦرلٽ ڪرڻ سبب بيحد بدنام ٿي ويا آهن. هن ڳالهہ جو روم جي

حڪومت طرفان سخت نوٽيس ورتو ويو ته اهڙيون حرڪتون سندن طاقت توڙي جاگرافيائي حدن لاءِ تشويش جو باعث آهن. اُهو شهر جنهن جو بنياد هنن پاڻ رکيو هو، ميڪنيض جي ويجهو ملي سگهي ٿو جيڪو هنڌ هڪ بربر جي رهائشگاهه آهي ۽ اسان کيس مان ڏيڻ لاءِ جنهن کي موروکو جو بادشاهه سڏيون ٿا، پر اهو معلوم نٿو ٿئي ته سندس ڏاڪڻيون حدون، موروکو سميت ۽ سيگلميسا روم جي صوبي جو ڪڏهن حصو رهيا هئا، آفريڪا جي اولهندي طرف وارن حصن کي ائٽلس جبل جون شاخون وچان ڪٽين ٽيون. ائٽلس هڪ اهڙو نالو جنهن کي شاعرن پنهنجي شاعريءَ جو خوبصورت موضوع بنايو آهي. [86] بهرحال هاڻي اُهو وڏي سمنڊ مٿان وڏي ڏيگهه ۽ ويڪر ۾ پکڙيل آهي ۽ قديمي ۽ نئين ڪنڊ جي وچ ۾ ڇڻ ڇوڙاري پيو ڦري. [87]

روم جي شهنشاهت جو قصو ختر ڪري هاڻي اسان اهو ڏسون ته اسپين کان آفريڪا، هارمَن ميلن جي پاڻيءَ جي هڪ سوڙهي لنگهَه ذريعي جدا ٿئي ٿو ۽ جنهن ذريعي ائٽلانٽڪ سمنڊ، بحيره روم ۾ وهي ٿو. هرڪيولس جا ٿنڀ (Columns of Hercules) جيڪي قديمي ماڻهن ۾ تمام مشهور آهن، در حقيقت اُهي ٻه پهاڙ هيا جيڪي ڪن قدرتي عنصرن جي زوردار ڇڪ يا ڏوڙڻ سان ٺٽي ڌار ٿي ويا ۽ هاڻي اُنهن مان يورپ جي هڪ پهاڙ جي پيرن کان جبرالٽر جو قلعو نشانبر آهي. بحيره روم جو پورو خطو، ان جا ڪنارا ۽ ان جا ٻيٽ سڀڪجهه روم جي سرحدن اندر هئا. وڏن ٻيٽن منجهان ٻه باليئرس جن جا پنهنجي سائيز مطابق نالا رکيل آهن: هڪ جو ميجورڪا يعني وڏو ۽ ٻي جو مائنورڪا معنيٰ ننڍو. هينئر ٻيئي رعيت ۾ شامل آهن. پهريون اسپين ته ٻيو برطانيه جي. ڪارسيڪا جي اصل حالت کي بيان ڪرڻ ته ڏکيو آهي باقي ان جي قسمت تي افسوس ڪرڻ ڏاڍو سئولو آهي. سارڊينيا ۽ سِسلي منجهان اتلي جي ٻن حڪمرانن پنهنجي لاءِ شاهي لقب اختيار ڪيا. ڪريٽ يا ڪنڊيا ۽ قبرص سان گڏ يونان ۽ ايشيا جا ڪيترائي ننڍا ننڍا ٻيٽ ترڪيءَ جي فرمانَ هيٺ اچي ويا آهن. پر مالڪا جي ننڍڙي پهاڙ اُنهن جي طاقت کي ڪجهه سمجهيو ئي ڪونه ۽ پنهنجي فوجي حڪومت جي نظر ۽ ضبط هيٺ طاقتور ئي نمودار ٿيو ۽ شهرت ۽ شاهوڪاريءَ جي بلندين تي پهتو.

صوبن جي ڳڻپ جو هي حساب ڪتاب، جن جي پَڳل ڪُٽل ڪرن منجهان ڪيترين ئي طاقتور شهنشاهتون وجود ۾ اچي چڪيون آهن، اسان کي شايد ان ڳالهه تي آماده ڪري ته اسان اڳوڻن دقيانوسي ماڻهن جي سَکڻي آکڙ ۽ جهالت کي شايد معاف ڪري ڇڏيون. تمام وڏي علاقي جي حاڪميت جو نشو، بنا روڪ ٽوڪ طاقت ۽ شهنشاهن جي صحيح يا مصنوعي اعتدال پسندي پنهنجي جڳهه تي، پر هنن پاڻ کي ان ڳالهه جي هروپرو اجازت ڏئي ڇڏي هئي ته هو ان ڳالهه کي وساري ويهن ته باهريان ملڪَ پنهنجي ڇوڙاڳ آزاديءَ کي يلي وحشياڻي طريقي سان ملهائن. اقتدار ۽ طاقت جي نشي ۾ هنن اهو مونجهارو ۾ شايد ڄاڻي واڻي پيدا ڪيو هو ته هُو سڄي دنيا جا شهنشاهه هئا، [88] پر سچ اهو هو ته هُو فقط روم جي شهنشاهت جا والي ۽ وارث هئا. جديد مؤرخ جي طبعي لاڙن ۽ ڄاڻ لاءِ وڌيڪ مدبراڻي ۽ صحيح ٻوليءَ جي ضرورت آهي. هُو روم جي عظمت جي صحيح صورت پيش ڪرڻ لاءِ پنهنجو اهو مشاهدو پيش ڪري سگهي ٿو ته پوري شهنشاهت ائٽونينس جي ديوار ۽ ڊئسيا جي اُترين حد کان ائٽلس جبل ۽ خط جديءَ تائين ۽ هزار ميل ويڪري هئي ۽ ڏيگهه ۾ اُلهندي سمنڊ کان فرات تائين ٽي هزار ميل ڊگهي هئي ۽ اها موسر جي لحاظ سان به نهايت ئي متعدل ۽ وٽندڙ علاقي ۾ اترئين طرف چوويهين ۽ چانوَجاهين ويڪرائي ڪاڪ تي هئي ۽ ان ۾ يقيني طور تي سورهن لک چوَرس ميلن جو ايڏو وڏو علاقو موجود هو جيڪو سڄي جو سڄو آباد ۽ سرسبز هو ۽ پوکُن ۽ ڪيتيءَ لاءِ زمين تمام بهترين هئي. [89]

باب - پهريون

حاشين بابت وضاحتون

* اڻين صدي قبل مسيح، جڏهن روم جي شهنشاهت جو بنياد پيو.

1. ڊائن ڪئسيَس (736) عرف ريمر جنهن سڃي روم جي اجائي آکڙ ۽ وڌائي پاڻ وٽ جمع ڪئي هئي، پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي. ائنسيرا جو سنگ مرمر، جنهن تي آگسٽس پنهنجا تجربا رکاردِ ڪيا آهن، مان اهو صاف ظاهر آهي ته هن پارٿينس کي مجبور ڪيو ته هو ڪراسَس ۽ هٽ ڪيل جَهنڊن ۽ ٻين شين کي پنهنجي اصلي حالت ۾ بحال ڪن.

2. اسٽرابو (xvi, 780) وڏي پلني (فطري تاريخ (vi, 32,35) ڊائن ڪئسيَس (Iiii, 723,) ۽ ليوي (734) هنن حملن بابت تمام مفيد معلومات ڏني آهي، رومين پاڻ کي معرياٻا يا معراب جو مالڪ ٻڌائي چڏيو هو جيڪو عربستان جو هڪ شهر هو ۽ مستشرقين کي ان جي ڇڳي طرح ڄاڻ هئي. (حوالو: ابوالفدا ۽ نيوبين جي جاگرافيءَ جو صفحو 50) اُهي ٽن ڏينهن اندر ان ملڪ تائين پهچي ويا جيڪو گرم مصالحن جي ڪري گهٽو مشهور هو ۽ مٺس حملي ٿيڻ جو گهٽو سبب ۽ گرم مصالحن جي شهرت هئي.

3. وارس ۽ سندس ٽن جنرلن جو قتل (9 عيسوي) ڏسو ٽئسيٽَس جو پهريون ڪتاب (تاريخ جا ورق) ۽ سوٽونيس "آگسٽَس" ۾ (باب - 23) ۽ ويليس پيٽرڪيولس (ii, 117) وغيره جنهن منجهان معلوم ٿيندو ته آگسٽَس، رومين جي شڪست جي ڏکوئيندڙ خبر، پنهنجي دستوري بهادري ۽ ڏڍپي واري موڊ ۾ هرگز نه ڏني هئي، جيڪا ڳالهه سندس رعبدار شخصيت جي امتيازي خاصيت هئي.

4. ڏسو ٽئسيٽس - تاريخ جا ورق - ڊائن ڪئسيَس(Ivi, 832) ۽ آگسٽَس جي پنهنجي تقرير (جوليس سيزرس ۾) هن احوال مان مفيد معلومات ملي ٿي ڇاڪاڻ ته ان ۾ آگسٽَس جي فرانسيسي مترجم ايم اسپانيم جون تحريرون به شامل آهن.

5. جرمنيڪَس، سوٽونيس، پالينَس ۽ ائگريڪولا جهڙن جنرلن کي اڳتي وڌڻ کان نه رڳو روڪيو ويو پر اُنهن جي فتحن تي پاڻي ڦيري اُنهن کي بيرڪن ۾ واپس گهرايو ويو. فوجي برتري، جنهن کي ٽئسيٽس گهٽو سراهيو آهي، حقيقت ۾ اهو اصطلاح به فقط روم جي شهنشاهن لاءِ مخصوص ٿي ويو هو.

6. سيزر خود ته اهڙي نِيچ ارادي ۽ نيت کي لوڪان لِڪايو آهي پر سوٽونيس ان کي 47 هين باب ۾ کولي بيان ڪيو آهي. برطانيه جا هيرا ۽ موتي ايڏي قدر ۽ قيمت وارا نه نڪتا جيڏي اُنهن منجهان اُميد ڪئي وئي هئي جو ته اُهي ڪاري ۽ سُرمئي رنگَ جا نڪري پيا. ٽئسيٽس، دليلن سان پنهنجي راءِ ائگريڪولا جي باب 12 ۾ کولي بيان ڪري ٿو ته هيرن ۾ قدرتي طور وڏو نقص هو. هُو خنده مزاجيءَ واري نمونو ۾ چوي ٿو ته: "مون کي ڏري گهڻ يقين ٿي ويو هو ته اهو نقص اسان جي حرص و هوَس ۾ نه پر هيرن ۽ جواهرن جي چمڪ دمڪ ۾ هو."

7. ڪلاڊيس، نيرو ۽ ڊوميٽين. پامپونيَس ميلا ڪلاڊيس جي عنوان هيٺ (iii, 6) لکي ٿو ته روم جي فوجين جي ڪاميابيءَ سبب، هن علاقي ۽ اتان جي وحشي رهاڪن کي جلد ئي ڇاڻي سڳهجي ٿو. لنڊن جي وچ ۾ ويهي. اهڙن عجيب و غريب داستانن کي پڙهي ماڻهو حيرت ۾ پئجيو ٿو وڃي.

8. ڏسو ٽئسيٽس جي تحرير جو تعريف لائق ٽڪرو جيڪو هن ائگريڪولا جي زندگيءَ بابت لکيو آهي ۽ جنهن کي اسان جي پراڻين روايتن جي ماهرن ڪيمبن ۽ هورسلي مڪمل طور نه ئي سهي پر پوءِ به نهايت ئي خوبصورتيءَ سان لکيو آهي.(1551 - 1623 ۽ 1685 - 1732).

9. هن سلسلي ۾ آئرش (آئرلئنڊ جا) اديب، پنهنجي قومي وقار جي تذليل هرگز برداشت نٿا ڪن ۽ پنهي يعني ٽئسيٽس ۽ ائگريڪولا کان سخت نفرت ڪن ٿا.

10. ڏسو هورسلي جي برٽنيا رومانا..(I, 10)

11. مشهور شاعر بڪانن (1506-82) (پنهنجي ملڪ جي بي مثال آزاديءَ کي پنهنجي شاعريءَ ۾ شاندار جذبن سان جڙي ڇڏيو آهي. (ڏسو سلوي - v) ۾ جيڪڏهن، ديوار جي اترئين پاسي سرينسيسٽر جي رڇڊ جي فقط هڪ شاهدي روم جي صوبي ۾ ويسپاسيانا جي ناڻ ۾ ڪافي سمجهي وئي هئي ته پوءِ اُها آزادي ته تمام محدود ليکي ويندي. (سرينسيسٽر جو رڇڊ: هڪ مصنوعي مؤرخ جنهن کي گبن جي همعصر چارلس برٽرام تخليق ڪيو هو).

12. ڏسو ائپين (تعارف) ۽ اوسِيَن جي شاعري جي ڪمال جي عڪاسي جيڪا ايئن لڳي ٿو ته هر زاويي کان ڪئليڊونيا جي مقامي شاعر لکي آهي. اوسين (هڪ فرضي ڪلٽي شاعر ۽ وسيقار جنهن جي شاعري 18 صدي عيسوي ۾ شهرت جي بلندين تائين پهتل هئي ۽ جنهن کي ڪيترا ماڻهو اصلوڪو شاعر سمجهن ٿا، پر حقيقت ۾ ان کي جيمس مئڪفرسن تحرير ڪيو هو.

13. ڏسو پلني جو قصيدو (مدح سرائي) جيڪو حقيقت تي مبني لڳي ٿو.

14. حوالو: ڊائن ڪئسيس. (ixvii) .

15. حوالو: هيروڊوٽس (N,94) جولين، ڪتاب، سيزرس ۾ ۽ اسپانير جا مشاهدا.

16. ڏسو پلني (خطَ ۽ تحريرون) (viii,9)

17. حوالو: ڊائن ڪئسيَس (ixviii, 1123, 1132) - سيزئريبَس ۾ جولين يوٽروپيَس (viii-2,6) ڪتاب ايپيٽوم ۾ آريليس وڪٽر.

18. ڏسو ڊئسيا صوبي بابت ايم ڊي ائٽول جي آتر ڪٿا، اڪيبمي جا نقش و نگار ۾ (xxviii, 444-68) .

* سڪندر اعظم *(Alexander the Great) .

* ميسيڊن جو فلپ - سڪندر اعظم جو پيءُ .

19. جولين جي ڪتاب سيزرس ۾ ٽراجن جي جذبن جي صحيح ۽ خوش مزاجيءَ سان ترجماني ڪئي وئي آهي.

20. يونروپيس ۽ سيڪسٽس روفس ڪجهه مغالطن کي اڃا اڃڪتي وڌايو آهي، ڏسو نقش و نگار جي اڪيڈمي، ايمر فريريٽ جو اهم دستاويز.

21. ڊائن ڪئسيس (ixviii) ۽ اختصار ڪرڻ وارن جو حوالو.

22. اووِد، فاسٽي (ii, 667) ڏسو لِوي ۽ هئليڪارنيسَس جو ڊائنيسيَس، تارقين جي حڪومت ۾.

23. سينٽ آگسٽائين، ٽرمينس جي طاقت جي ڪمزور ٿيڻ ۽ پيشنگوئي ڪندڙ جي هلڪڙائيءَ تي ڏاڍو خوش ٿيو.

24. ڏسو آگسٽن، تاريخ (صفحو - 5) جيروم جي سوانح ۽ هن سلسلي جا تاريخي اختصار، هن ڳالهه تي تعجب ٿو ٿئي ته ڊائن توڙي ڏيڦلن هيڏي ساري اهم واقعي کي پنهنجين تحريرن ۾ نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي.

25. ڊائن (Ixix-115) آگسٽس جي تاريخ، صفحا (5-8) جيڪڏهن سڀ تاريخدان گم يا ختم ٿي وڃن تڏهن به ڪيترائي تمغا، نقش و نگار ۽ بيشمار يادگار، هئڊرئن جي ڏورانهن پنڌن تي سندس لڳاتار سفر ڪرڻ جي شاهدي ڏيندا.

26. ڏسو آگسٽن - تاريخ ۽ اختصار.

27. اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته هئڊرئن جي وقت ۾، يهودين، هڪڙي صوبي ۾ پوري مذهبي جنون سان حڪومت خلاف بغاوت ڪئي. (حوالو: پاسٽنياس (viii-43) جيڪو هن ضروري ۽ ڪامياب جنگين جو ذڪر ڪري ٿو جن جي اڳواڻي پيَس جي جنرلن ڪئي هئي. پهرين جنگ اتر - اولهه آفريڪا ۾ رهندڙ مسلمانن، جن کي مُورس چيو ويندو آهي جي خلاف وڙهي وئي. مورس کي شڪست ڏئي اٽلس جي بيابانن ۾ پڇايو ويو. ٻي جنگ برطانيه جي رولُو ۽ شريسند ٽولي سان ٿي جن روم جي هڪ صوبي تي حملو ڪيو هو. مٿي بيان ڪيل ٻئي جنگينِ (۽ ٻيا ننڍا معرڪا) آگسٽن جي تاريخ جي 19 صفحي تي تفصيل سان بيان ٿيل آهن.

28. ڏسو رومي جنگين جي تاريخ ۾ اليگزئندريا جي ائپين جو لکيل مهاڀ.

29. ڊائن (Ixxi) .مارڪو ۾ آگسٽَس جي تاريخ. پارٿين جي فتحن، نفرت لائق تاريخدانن جي هڪ گروهه کي جنم ڏنو، جن جي يادداشت ختم ٿيندي ٿيندي بچي وئي ۽ جيڪي خلقَ کي، پنهنجي پاڻ تي ڪلائڻ جو سبب بڻيا. هن موضوع تي لوسين مزاحيه انداز ۾ خوب تنقيد ڪئي.

30. سپاهين جو صفا هيٺيون طبقو ڇاليهه پائونڊ رکي سگهندو هو، (حوالو: ڊائنيسيَس هئليڪارن ان کان سواءِ اُنهن لاءِ تمام وڏي تعليم پڻ ضروري هوندي هئي. هيءَ ان وقت جي ڳالهه آهي جڏهن ماڻهن وٽ پئسو تمام گهٽ هو ۽ چانديءَ جو آئونس، پِتل جي ستر پائونڊ تور برابر هوندو هو. توڙي جو پُراڻي آئين، عوام کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو، پر ماريس وري سواءِ ڪنهن فرق جي ٻيهر ڪيل آئين جي دائري ۾ آندو. (حوالو: سئلسٽ، ڊي بيل جگرٽ (باب - 91).

31. سيزر پنهنجي فوجين کي، گالز جو الائڊا ناهيو پر جڏهن گهُرو لڙائيءَ ۾ سندس فتح ٿي ته هن ڏارين کي شهر ۾ گهمڻ ڦرڻ جي آزادي انعام طور ڏني هئي.

32. ڏسو ويگاٽيس، ڊي، ري ملٽري (2،1-7).

33. فوجين کان، پنهنجي نوڪري توڙي شهنشاهه سان وفاداريءَ جو قسم، هر سال پهرين جنوريءَ تي وري نئين سر ورتو ويندو هو.

34. ٽئيسيٽس رومي عقابن کي، بيلورم ڊوس يعني "جنگ جا ديوتا" ٿو سڏي، اُنهن کي ڪنهن فوجي ڪئمپ جي نندي ڪليسا ۾ رکيو ويندو هو جن کي ٻين ديوتائن جيان، فوجين طرفان مذهبي احترام ۽ تعظيم ڏني ويندي هئي.

35. ڏسو گرونوويس، ڊي پيڪيونيا ويٹر (iii, 120) .وغيره. ڊوميٽين بادشاهه پنهنجي فوجين جي سالياني معاوضي ۾ سونَ جا ٻارهن ٽُڪرا وڌايا، جيڪي سندس وقت ۾، اسان جي ڏهن ڳنين جي برابر هئا. هي پگهارَ، جيڪا اسان جي پگهارَ کان بہ ڪجهه مٿيري هئي، دولت ۽ فوجي حڪومت جي ترقيءَ جي رفتار کي نظر ۾ رکندي، لڳاتار وڌندي رهي. ويهن سالن جي نوڪريءَ کانپوءِ پراٽن خدمتگار جيالن کي ٽي هزار دينار (جيڪي سوُ پائونڊن جي برابر هئا) يا وري اوتري قيمت جو ڪو زمين جو ٽڪرو، سندن خدمتن عيوض ڏنو ويندو هو. جيڪي چوڪيدار هئا، اُنهن جو پگهار ۽ ٻيون سهولتون، فوجين جي مقابلي ۾ ٻيٽيون هيون.

36. ايڪسرسَيٽس ائب ايڪسرسيٽنڊو. ايڪسرسيٽس (فوج لاءِ لاطيني لفظ) - ايڪسرسائز (جسماني ورزش) مان نڪتو. هتي هڪ دلچسپ ڪم ڪرڻ جي وڏي گنجائش آهي جنهن ذريعي هولين ۽ تومن جي اخلاقيات ۽ رهٽي ڪهٽي جي سلسلي ۾ هڪ تعلق ۽ سٽ سلسلو جُڙي ٿو. (ٽسڪيولن ۾ سِسيرو - ii, 37) .

37. ويجيٽيس (i, ii) ۽ باقي سندس پهريون ڪتاب.

38. يوناني ناچ کي ايم لي بيو نقش و نگار جي اڪئڊمي (xxxv, 262) وغيره ۾ ڪولي بيان ڪيو آهي. اڪئڊمي جي پارڪُن روم جي فوجين متعلق ڪيترائي پراٽا حوالا ۽ آتر ڪٽائن جا ٽڪرا گڏ ڪري پيش ڪيا آهن جن مان يوناني ناچ جي گهٽي ڇاڻ ملي ٿي.

39. حوالو: جوزِفس ڊي بيلو جُڊئڪو (iii, 5) اسان هن يهوديءَ جا ٿورائتا آهيون جنهن رومي نظر ۽ ضبط جي باري ۾ اسان کي بهترين تفصيل ٻڌايا آهن.

40. حوالو: پلني - پئنيجا ٽريڪَس (مدح سرائي باب - 13) آگسٽن جي تاريخ ۾ هئڊرئن جي زندگيءَ جو احوال.

* (مدبر سياستدان ۽ تاريخدان (200 کان 118 قبل مسيح).

41. ڏسو رومي نظر ۽ ضبط بابت، موضوع کان هٽيل هڪ خوبصورت ٽڪرو سندس تاريخ جي ڇهين ڪتاب ۾.

* روم ۽ ڪارٿيج جي وچ ۾ جنگين جو حوالو.

42. ويجيٽيس ڊي، ري ميلٽري (5 (ii ,وغيره، سندس مُنجهائيندڙ اختصار جو گهٽو حصو تراجن ۽ هئڊرئن جي قانوني ڪتابن مان نڪتل آهي. سندس لکڻ مطابق، فوج، رومي بادشاهت جي ڪنهن بہ ٻي دوُر سان مطابقت نٿي رکي.

43. حوالو: ابد) (Ibid) باب - 1) سيزر ۽ سسيرو وارن ڏينهن ۾ "ميلن" جو لفظ جڏ فقط پيادل فوج لاءِ مخصوص هو. هيٽين شهنشاهت تورِي بهادريءَ واري دؤر ۾ اهو لفظ يعني "ميلَ"، ورِي ۽ فقط فوجين لاءِ استعمال ٿيندو هو جيڪي گهوڙن تي چڙهي جنگيون وڙهندا هئا.

44. حوالو: پالبيبَس ۽ ڊائنيسيَس هئليڪارنيسَس (v,45) جي وقت ۾ ٻڌايو وڃي ٿو ته تيزي جي لوهي نوڪَ تمار ڏکهي هوندي هئي. ويجيٽيس جي وقت ۾ ان نوڪ کي گهٽائي هڪ فوٽ يا ايڪا ۽ نوَن انچن تائين ڪيو ويو. مون هڪ ذريعو چوندِيو آهي.

45. فوجي اسلحي لاءِ ڏسو لپسيَس، ڊي مليشيا رومانا(iii, 2-7).

46. ڏسو ورجل، جارجيڪَس جي خوبصورت پيٽ (ii, 279).

47. ايڊ گيچارڊ، مليٽري ياد داشتن ۾ (i,4) ۽ نوويڪس پنهنجي يادداشتن ۾. هِن موضوعَ کي هُن هڪ آفيسر ۽ مدبر وانگر سلجهايو آهي. (i, 293-311) .

48. ڏسو آئرين جي فوجي حڪمت عملي. هڪ يوناني واري پوري طرفداري ڪندي، يوناني فوجي دستي متعلق هن فقط ايترو لکيو آهي جيترو هن پڙهيو هو. بجاءِ ان جي جو جنهن فوج جي هُن ڪمانَ سنڀالي هئي، اُن متعلق جهڙو ڪر اُڻ ڄاڻ ٿي ويو.

49. حوالو: پالبيبَس (xvii) .

50. ويجيٽيس، ڊي، ري مليٽري (ii,6) سندس مثبت گواهي ۽ واقعاتي شاهدي جو قانون ۾ جنهن جي پٺپرائي ڪري ٿو. اُنهن نقادن کي خاموش ڪرائڻ لاءِ ڪافي آهي جيڪي شاهي فوج کي، گهوڙيسوار فوج طور تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهن.

51. ڏسو لِوي (Livy) سڃي جو سڃو ۽ خاص طرح باب (Xiii, 61) .

52. فطري تاريخ ۾ پلني (xxxiii,2) رومانيه جي ريپبلڪ (ii,2) ۾ ايڊ ڊي بيوفورٽ هڪ دلچسپ تحرير جي خالص روح کي پهريون دفعو پروڙيو ۽ ان جي ڪولي وضاحت ڪئي.

53. جيئن هورئس ۽ انگريڪولا جي سلسلي ۾ ٿيو هو، اهو رومي نظم ۽ ضبط ۾ هڪ وڏو نقص هو جنهن جو ازالو، هئڊرئن، مئجسٽريٽن جي عمر جي قانوني حد مقرر ڪري ڪيو هو.

54. حوالو: ڏسو آئرين جي فوجي حڪمت عملي.

55. بٽاوينس جي خاص طور تي اهڙي ئي حالت هئي

حوالو: ٽئسيٽس جرمينيا (29).

56. مارڪَس اينٽونينَس پنهنجي مفتوحن قادي ۽ مرڪماني تي احسان ڪندي ڪين ڪافي فوجي موڪليا جيڪي هنن ٻِنا دير برطانيه روانا ڪري ڇڏيا. حوالو: ڊائن ڪئسيس. (Ixxi) .

57. ٽئيسٽس، تاريخ (iv,5) جيڪي جيترن پيادن ۽ ان جي ٻيڻي تعداد ۾ گھوڙيسوارن جو تعداد ڳڻين تا، اُھي بادشاھن جي مددگار فوجن جي تعين ڪرڻ جي معاملي کي مُنجھائي تا ڇڏين ۽ رياست جي دوست ملڪ اٽلي سان اُنھن جي نسبت ڳندين تا.

58. ويجيٽيَس (ii,2) اُٺرين پنھنجي اڳتي وڌڻ واري حڪر ۽ ساڳي وقت اُلاني خلاف سندس ويڙھ جو حوالو.

59. جنگ ۾ قديمي مشينن جي موضوع تي (شِوئليئر فولارڊ) پاليبي (Polybe) (ii, 233-90) تمام ڏھانت سان نباھيو آھي ۽ ان ۾ وڏي ڇاڻ پڻ ڏني آھي. ھو اُنھن مشينن کي گھٽي پاڳي موجوده توپن ۽ گولن ايلائيندڙ اسلحي جي پيٽ ۾ وڌيڪ بھتر ٿو سمجھي. اسان اھو مشاھدو ڪيو آھي تہ وقت گذرڻ سان اُنھن جو استعمال ۽ اھميت ايا وڌي وئي آھي، اھو ان ڪري ٻہ آھي تہ رومي شھنشاھت ۾ ذاتي بھادري ۽ فوجي ڏھانت کافي زوال پذير ٿي وئي آھي. جتي ماڻھو کو نہ ھوندا ھئا، اتي اُنھن جي جڳھہ تي مشينون ڪم ڪنديون ھيون. وڌيڪ لاءِ ڏسو ويجيٽيس (ii, 25) اٺرين.).

60. ويجيٽيَس پنھنجي ھي ڪتاب ۽ فوجي دستن جي بيان کي ھنن زوردار لفظن سان ختم ٿو ڪري: (جيڪو ڪجھہ ڪنھن ٻہ جنگ جي لاءِ ضروري ھوندو آھي. اُھو فوجين کي اُتي پاڻ سان گڏ کڻي وڃڻ گھرجي، ڇو تہ جتي ٻہ ھو پنھنجو سامان وڃي لاھين تہ اُھا ڪئمپ ھڪ قلعي نما شھر نظر اچڻ گھرجي).

61. فوجي ڪئمپن کي ناھڻ ۽ ترتيب ڏيڻ جي فن بابت ڏسو پاليبيَس سان گڏ ليسيَس جو ڏي مليشيا روماٿا، (vi) جوزفس جو ڏي بيلو جُڊئڪو (iii, 5) ويجيٽيَس (I,21-25 ۽ iii,9) ميمائرس ڏي گيڪارڊ.

62. حوالو: ٽسڪيولن ۾ سِسيرو، جوزفس، ڏي بيلو جوڊئڪو ۾ (iii,5) فرنٽينَس (iv,I)

63. ويجيٽيس (i,9) ڏسو نقشن و نگار جي اڪيڈمي جي يادداشت.

64. ڏسو ايز گيڪارڊ جو، ارتقا جنھن کي ھن تمام سھٽي نموني نوويڪس جي يادگيرن ۾ بيان ڪيو آھي. (I,141-234) .

65. ٽئسيٽس (تاريخ (iv, 5 فوجي دستن جي باري ۾ اسان کي ٻڌايو آھي جڏھن اُھي دستا ٽائبيريس جي فرمان ھيٺ ھئا. ڊائن ڪئسيس (iv, 794) سڪندر سيورس ۾ مون ڪوشش ڪئي آھي تہ ٻنھي دؤرن جي وچ ۾ ھڪ موثر ذريعي سان اڳتي ھلجي. ايا ڏسو ليسيَس - ڏي ميگنيٽيوڊائن روماناI(I,4,5) .

66. رومين پنھنجي جھالت ۽ خوف کي، مذھب جي اوٽ ۽ بھاني سان لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڏسو ٽئيسٽس، (جرمنيا - 37).

* (31 قبل مسيح ۾، سندس آخري ٻچيل دشمن جي باري ۾، مارڪ انٽني .

67. مارڪ انٽني ۽ پلوٽارچ، پوءِ اسان وري ٻہ اوروسِيَس کي داد ڏينداسين، ھي ديوَن جھڙا ۽ ماڻين جيڏا جھاز پاٽيءَ کان ڏھہ فوٽ ٻہ مٿي ناھن. (vi, I9)

* ڪارو سمنڊ .

68. ڏسو ليسيس ڏي مٽگنيٽيوڊ روم . (15) ويجيٽيَس جا آخري سورھن بابَ نيوي جي معاملن متعلق آھن.

69. والنٽير سِڪل ڊي لوئس) (xiv) باب - 29) اهو ياد رکڻ گهرجي ته فرانس ان زبردست کوشش کي ايا تائين ياد ڪري ٿو.

70. ڏسو اسٽرابو (ii) : اهو سمجهڻ مناسب ۽ فطري ٿو لڳي ته اٹراگان کي تراکونينسَس منجهان ڪڍيو ويو آهي ۽ ڪيترائي جديد ماڻهو جن لاطيني زبان ۾ لکيو آهي، اُهي لفظن کي هڪ جهڙو سمجهي استعمال ڪن ٿا. اهو بهرحال يقيني آهي ته اٹراگان هڪ وهڪرو آهي جيڪو پائرينيز کان نڪري ايبرو ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. ان تان پهريون هڪ ملڪ تي نالو پيو جيڪو اڳتي هلي بادشاهت جو نالو ٿي ويو. ڏسو ڊي ائنول موين جي دؤر جي جاگرافي (ص - 181).

* (جوليس سيزر جنهن آگسٽَس کي نپايو ۽ پاليو هو).

71. هڪ سؤ پندرهن وڏا شهر گال جي لسٽ تي درج ٿيل آهن ۽ اها ڳالهه سيني جي ڇاڻ ۾ آهي، ته هي خطاب رڳو گاديءَ واري شهر لاءِ نه پر هر رياست جي سڄي سرحد کي ڏنو ويو هو. پر پلوٽارچ ۽ اٹپين، ذاتين جو تعداد ٽن کان ڇٽن سوَن تائين وڌائي لکيو آهي.

72. حوالو: ڊي ائنول، نوٽيس ڊي ائنسين گال.

73. وٽاکر جي مٽنچيسٽر جي تاريخ (i باب - 3)

74. اٹلي جا ونيتي جنهن کي غلط فهميءَ وچان اکثر گالز سان ملايو ويندو آهي. سي دراصل اِليرين نسل جا هئا. ڏسو. ايئر فريريٽ (نقش و نگار جي اکيڊمي.)

75. حوالو: ڏسو مافي ويرونا جي وضاحت. (xviii, I) .

76. پهريون تضاد قديمي ماڻهن محسوس ڪيو.ڏسو فلورَس(i,ii) ۽ ٻيو تضاد پاڻهي هر سياح کي خود ٿي نظر ايندو.

77. حوالو: پلني فطري تاريخ - III) ان مان خبر ٿي پوي ته آگسٽَس، اٹلي کي ورهايو هو.

78. حوالو: ٽورنفورٽ يونان ۽ ايشيا جو سامونڊي سفر.(xviii) .

79 اليريڪم جو نالو اصل ۾ ائڊرئٽڪ جي سامونڊي ڪناري سان تعلق رکي ٿو جنهن کي رومين، ائلپس کان ايگزين تائين متعارف ڪرايو. حوالو: سيوريني، پنونيا (i,3)

* حوالو: سئس جبلن ۾ ڪئنٽان جو نالو.

80. وينِس جي هڪ سياح ابيٽ فارنِس اسان کي غير اهر ملڪن جي باري ۾ ڪجهه ڇاڻ ڏني آهي. پر مغربي اليرين جي قديمي دؤر ۽ جاگرافي بابت معلومات حاصل ڪرڻ جي اُميد کنهن شهنشاهه يا حڪمران جي ڪشاده دليءَ کان ٿي رکي سگهجي ٿي.

81. سيو ندي اسٽريا جي حدن منجهان نمودار ٿئي ٿي جنهن کي شروعاتي دؤر جي يونانين، دنيوب جي اهر شاخ ڪوئيو هو.

82. ڏسو ائرين جي بحري سفر جو احوال. هو جڏهن ڪپاڊوشيا جو گورنر هو تڏهن هن ايگزين جي ڪنارن جو جائزو ورتو هو.

83. مذهب جي ترقيءَ جي سيني کي خبر آهي. يورپ جي وحشين ۾ اکرن جو استعمال حضرت عيسيٰ (ع - س) کان پندرهن سؤ سال اڳ متعارف ڪرايو ويو ۽ يورپ جي قومن وري عيسائي سن جي شروعات کان پندرهن صديون پوءِ اهو سلسلو آمريڪا تائين پهچايو. پر ٽن هزار سالن جي عرصي ۾ فونيشيا جي الف-بي ۽ يونانين ۽ روم جي ماڻهن تمام گهٽي ڪيڙڪار ۽ ترميم ڪئي.

84. حوالو: ڊائن ڪئسيس.(Ixviii, 1131)

85. يونان جو فيلسوف بطليموس ۽ اسٽرابو، جديد جاگرافي جي ماهرن جي مدد سان سئيز جي سوڙهي پٽي کي ايشيا ۽ آفريڪا جي لکيرَ يا بائونڊري تسليم ڪن ٿا. ڊائيسيَس، ميلا، پلني، سئلسٽ، هرٽيس ۽ سولينس سڀني گڏجي نيل ندي جي اُلهندي ڪناري کي بائونڊري چيو آهي. وڏي داناءَ ڪئٽبئٽمس يا ان جي پوين مصر تورڙي ليبيا جي ڪجهه حصي کي ايشيا ۾ گڏيو آهي.

86. جبل ائٽلس جي ڏکڻي قطار، مناسب اوچائي ۽ درجي بدرجي وٽندڙ لاهي (ڏسو شاجو سفر (ص - 5) اهي سڀ نقطا هڪ اڪيلي جبل جي خاصيتن جي ابتڙ آهن جيڪو پنهنجي مٿي کي پنڌتي ڪري پاڻ کي ڪرن ۾ لڪائي ٿو ڇڏي ۽ ڇڻ جنت جي حمايت ٿو ڪري. ٽينرف جي چوٽي ان جي برعڪس سمنڊ جي سطح کان، ٽن ڪان ساڌا ٽي ميل اوچائي تي آهي ۽ جيئن ته ان تي فونيشيا جي ماڻهن کيترائي دفعا چڙهائي ڪئي هئي ته لڳي ٿو يوناني شاعرن ان خوبصورت منظر تي ضرور طبع آزمائي ڪئي هوندي. بفن -(فطري تاريخ) (312 - i) (سامونڊي سفر جي تاريخ -ii)

87. ايبر ڊي والنيئر (xiv, 297) نه حقيقتون حمايت ڪن ٽيون ۽ نه ڪنهن امڪان جي گنجائش باقي آهي. پر هتي ته ڪٿري جا ٻيٽ به رومي شهنشاهت کي عطا ڪيا ويا آهن.

* (جڏهن گبن (Gibbon) لکيو پئي ته ساردينيا جي شهنشاهه تورن منجهان ۽ هن سسلين جي شهنشاهه نَئپلس کان حڪمراني ٿي ڪئي.)

88. برجيئر: هسٽ ڊيس گراندس چيمنس. (iii, 1-4) هڪ تمام سٺو ماخُذ.

89. ڏسو ٽيمپل مئن جو ڏرتي جي گولي جو مطالعو، پر مونکي ٻنهي تي اعتبار ڪونهي، نه ڊاڪٽر جي ڇاڻ تي ۽ نه سندس نقشن تي.

باب - ٻيو

انٽونينز جي دؤر ۾ روم جي شهنشاهت جي ايڪي ۽ اندروني خوشحاليءَ جي باري ۾.

اسان کي روم جي عظمت جو اندازو، رڳو جلد بازي يا فتحن جي حوالي سان نہ لڳائڻ گهرجي. روس جي بيابانن جو حڪمران، ڏرتيءَ جي گهٽي کان گهٽي حصي جو مالڪ ۽ مختيار آهي. هيليسپانٽ کان گذرڻ کان پوءِ سَتين اونهاري ۾، سڪندر هائفئيسس [1] جي ڪنارن تي مئسيڊونيا جي فتح جا يادگار نمايان ڪري لڳرايا هيا. هڪ صديءَ کان به گهٽ عرصي ۾ طاقتور چنگيزن ۽ سندس ئي نسل جي مغل شهزادن، ظلم جي زور تي هر طرف تباهي مچائي ڇڏي جنهن ۾ هڪ عارضي شهنشاهت به شامل هئي، جنهن جون حدون چين جي سمنڊ کان مصر ۽ جرمني [2] تائين هيون، پر روم جي طاقت جي عمارت کي زماني ۽ تجربي جي ڏاهپ، اڃا وڌيڪ اوچو ۽ محفوظ ڪري ڇڏيو هو. ٽراجن ۽ انٽونينز جا فرمانبردار صوبا، قانوني طاقت سببان متحد ۽ تخليقي صلاحيتن جي ڪري خوبصورت هيا. اِهو ممڪن آهي ته اختيارن جي غلط استعمال جي ڪري کين ڪڏهن کا تڪليف پهتي هجي، پر گهٽو ڪري حڪومت جو وهنوار، سياڻپ، سادگي، محبت ۽ مهرباني سان هلندو رهيو. هُنن پنهنجن اَبن ڏاڏن وارو مذهب اختيار ڪري رکيو هو، جڏهن ته شهري رتبن ۽ فائدن ۾ انهن جي حيثيت، تمام معمولي فرق سان، سندن فاتحن جيتري مٽاهين ۽ برابري واري هئي.

1. مذهب جي سلسلي ۾ شهنشاهن توڙي سينيٽ جي پاليسيءَ کي هڪ ته روشن خيال ماڻهن جي نظرين ٻيو وَهر پرستن جي روايتي طور طريقن جي پُٽيرائي حاصل هئي جيڪي اُنهن جي رعيت جو حصو هئا. عبادت جي لاءِ جيڪي به روم جي ماڻهن جا مختلف ۽ من پسند نمونا ۽ معيار اُن وقت هئا، سي، سندن خيال موجب، سڀئي جيترا سچا هئا ته وري فيلسوفن جي نظر ۾ اوترائي ڪوڙا هيا ۽ مُجسّريتن وٽ اُهي اوترائي فائديمند هئا. اهڙيءَ طرح سهپ ۽ برداشت جي جذبي نہ رڳو ماڻهن کي هڪ ٻئي سان سهڻي سلوڪ ڪرڻ تي آماده ڪيو پر اُنهن ۾ مذهبي ويجهڑائي به پيدا ڪئي. ماڻهن جي وهر پرستيءَ سان ڪنهن مذهبي جذبي يا ڪٽرپڻي جي ٽڪراءَ نہ هئڻ سبب ڪٿي به ڪا چڪتاڻ پيدا نہ ٿي ۽ نہ ئي وري ڪنهن خام خياليءَ جون اجايون رڪاوٽون وچ ۾ حائل ٿيون. گهٽن خدائن کي مڃڻ وارو ديندار، توڙي جو پنهنجي قومي، مذهبي ۽ سماجي ريتن رسمن سان پوري سچائيءَ سان لاڳاپيل هيو، پر ان جي باوجود هُو، ڏرتيءَ جي گولي تي مختلف مذهبن کي چگيءَ طرح مڃيندڙ هيو. [3] خوف، احسانمندي يا شڪر گذاري، اندر جي آندَ مانڊ يا تجسّس- سڀ خواب هئا يا خراب سنئوڻ، ڪو غير معمولي امن وامان جو واقعو يا پرانهين پنڌَ جي مسافريءَ جون رِتون به سندس ايمان يا اعتقاد جي شين ۾ هميشہ لاءِ واڌارو ڪنديون رهنديون هيون ۽ سندس مُحافظن جي لسٽ ۾ وڏي ٽيندي ويندي هئي. لا مذهب عقيدي جي اُٽت جي تاجي پيڙي ۾ مختلف تندون ته ضرور هُيون پر اُن جا ترڪيبي جُزا هروپرو ناموافق به نہ هيا. جيئن ئي ان ڳالهہ کي تسليم ڪيو ويو ته درويش، سنتَ ۽ سُورما جي زندهہ رهيا ته به پنهنجي ملڪ لاءِ ۽ جي مئا ته به پنهنجي وطن جي پلائي ۽ بهتريءَ لاءِ ته انهن جي رُتبي کي

سگهَ ۽ لافانيت جي بلندين تائين پهچايو ويو ۽ اها ڳالهه عالمي سطح تي مڃي وئي ته اهڙن عظيم ماڻهن، دنيا جي سڀني انسانن طرفان جيڪڏهن داد نه ئي سهي ته گهٽ ۾ گهٽ عزت ۽ احترام ته ضرور لهڻو هو. اوڇي ۽ نفيس ڪاٽ جي هزار نمونن سان سينگاريل ۽ هزار وهڪرن ۾ سُڪون سان رهندڙ ديوتا پنهنجو مقامي اثر ۽ وقار رکندا هئا، روم جا ماڻهو جيڪي ٽائيبر جي ڪاوڙ کي سخت نا پسند ڪندا هئا، پر ڪين اها همت نه ڪيندي هئي ته هو مصر جي ڪنهن ماڻهوءَ تي ٽٽوليون ڪن جيڪو نيل نديءَ جي احسانن آڏو پنهنجو نڊر نياز پيش ڪندو هجي. قدرت ۽ فطرت جون ظاهري طاقتون جيئن سَيارا يا مختلف عنصر پوري ڪائنات ۾ ساڳيا هيا. اخلاقي دنيا جا ڪل حاڪر، لازمي طرح سان هڪ جهڙن انسانوي ۽ علامتي سانچن مان گهڙي ناهيا ويندا هيا. هر ڇڳائي ٽوڙي ٻُرائيءَ لاءِ به هڪ خدائي نمائندو ضروري هوندو هو. هر فن ۽ هنر يا انجو سرپرست جنهن جون خوبيون ۽ خاصيتون تمام پراڻي دؤر ۽ ڏُورانهَن مُلڪن جي ڪنهن اهڙي ڪردار مان ساڳئي ماپي سان ڳولي ڪڍيون ويندیون هيون، جنهن جا شيدائي يا پوئلڳ به هڪ خاص قسر جا هوندا هئا. هر نظامَ ۾، متضاد فطرتن ۽ مختلف طبعي لاڙن جي آڪائن جي حڪومت لاءِ، ضروري هوندو آهي ته اُنهن وٽ هڪ اهڙو اعتدال پسند ۽ بيحد معتبر ۽ انصاف ڪرڻ وارو مٿجسٽريٽ موجود هجي جيڪو پنهنجي علر جي زور ۽ ڪجهه خوشامد ۽ مصلحت جي آڌار تي پنهنجي اوڇي اخلاق جي ڏاڪڻ تي چڙهي مٿاهين منزل تي پهچي جو ڪيس "دائمي وارث" ۽ سپ اختيار رکڻ وارو بادشاهه چئي سگهجي.[4] قديمي دؤر جو اهڙو دلچسپ ۽ نرم رويو هو، جنهن ۾ قومون، پنهنجي مذهبي عبادتن جي فرقن ڏي گهٽ، پر اُنهن جي هڪ جهڙائيءَ ڏي وڌيڪ ڏيان ڏينديون هيون. يوناني، رومي يا بربرَ، جڏهن اُهي پنهنجي پنهنجي عبادت جي جڳهه تي پاڻ ۾ ملندا هئا ته هڪ ٻئي کي آسانيءَ سان آماده ڪري ويندا هئا ته، مختلف نالن يا رسمن ذريعي، حقيقت ۾ هو سپيئي ساڳين ديوتائن جي پوڄا ڪندا هيا. هومر پنهنجي شاندار ڏنڊ ڪٿائن ۾، قديمي دؤر جي گهڻ - خدائي پوڄا (Polytheism), کي پنهنجي قلر جي ڪمال سان، خوبصورتي ۽ باقاعدگيءَ وارو هڪ طور طريقو عطا ڪيو آهي.[5]

يونان جا فلسفي، الله تعاليٰ جي بجاءِ، انساني فطرت جي ڳُوڙهي اپياس ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي اخلاقيات کي اختيار ڪندا هيا. اُهي ربي فطرت تي گهڻو غور ڪري انکي تمام اهر خيال تصور ڪندي انکي سمجهڻ جا طلبگار رهڻ لڳا ۽ وڌيڪ ويچار ۽ سوچ کان پوءِ، انسان جي قوتن ۽ ڪمزورين تي زياده زور ڏيڻ لڳا.[6] ڇاڻ ۽ سمجهَ جي مشهور چئن ادارن مان، اسٽائڪن ۽ افلاطونين (زينو ۽ افلاطون جي شاگردن) ڪوششون ڪيون ته ڪنهن طرح سان، سبب يا دليل، ۽ خُدا پرستي، جي ٽڪراءَ ۽ مخالفت جي وچ ۾ ڪا سرچاوَ ۽ سمجهوتي جي فضا پيدا ڪجي. اُنهن اسانجي لاءِ "وجُود" ۽ "پهرئين ڪارڻ" جي تڪميل جي سلسلي ۾ تمام وڏا ۽ پختا ثبوت ڇڏيا آهن، پر جيئن ته اُنهن لاءِ ممڪن ڪو نه هو ته مادي جي تخليق جي باري ۾ ڪجهه سمجهي سگهن، تنهنڪري اسٽائڪن جي فلسفي تي ڪر ڪندڙن، خود پنهنجي ڪر جي نوعيت کي، ته ڪهڙي نقطي کان شروعات ڪجي، سمجهي نه سگهيا، هوڏانهن، ان جي اُبتڙ، افلاطون ۽ سندس پوئلڳن جو روحاني خدا، هڪ لازمي حقيقت جي بجاءِ هڪ خيال يا تصور سان زياده ملندڙ هو. افلاطون جي فلسفي وارا ۽ يوناني فيلسوف ايپيٽيورس جا مجيندڙ مذهبي قسر جا

ماٹھو نہ هيا، پر جيئن تہ پهرئين طبقي وارن جي سائنسي علر کين شڪ ۾ مبتلا ڪيو تہ وري پوئين طبقي جي پرپور جهالت کين مجبور ڪيو تہ هو وڏي ۾ وڏي حاڪر (احڪرُالحاڪمين) جي پروردگاريءَ کان انڪار ڪن. ڪجهہ حاصل ڪرڻ واري چٹا پيٹيءَ جي جذبي کي آزادي جي روحَ وڌيڪ هٹي ڏني هٹي تہ تجسّس ۽ کوجنا جي عمل کي اڳتي وڌائجي پر ان باعث اُتلو وڏا عالر ۽ استاد، فلسفي جي مسئلي تي پاڻ ۾ انڪي پيا ۽ هڪ ٻئي جي مخالف فرقن ۾ ورهائجي ويا، پر صاف ۽ سچا نوجوان، ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ روم جي شهنشاهت ۾ اٹينس توڙي علر ۽ ذات جي ٻين مرڪزن تي پهچي ويا، انهن کي هر مرڪز ۾ هدايت ڪئي ويئي هٹي تہ اُهو مذهب جيڪو بيشمار ماٹھن جو اختيار ڪيل هجي، ان کي نہ رڳو رَدڪن پر ان کان نفرت ڪن، اهو پلا ڪيئن ممڪن هو تہ هڪ فيلسوف، شاعرن جي فضول ڳالهين ۾ يا قديمي دوُر جي متضاد ۽ اڻ لاڳاپيل رسمن رواجن کي، خدائي حقيقتون يا سچ ڪري سمجهي، يا هو اُنهن نامڪمل ۽ نا اهل ماٹھن کي ديوتا سمجهي پوڄڻ شروع ڪري جن کي هو انسان جي حيثيت ۾ ڏکارينڊو هوا ٻسيرو، اهڙن نالائق مخالفن سان بہ بيحد نهٹائي ۽ مهرباني‌ءَ سان پيش آيو ۽ دليلن واري سٹي زبان ۾ ساٹن ڳالهايائين پر لُوسيَن جي طنز اهڙن احمقن لاءِ نہ رڳو بيحد مناسب هٹي پر اها هڪ ڪامياب هٹيار طور بہ استعمال ٿي. اسان کي پنهنجي پاڻ تي ان ڳالهہ جو يقين آهي تہ جيڪو بہ ليکڪ هن دنيا جي معاملن کان چگي طرح واقف آهي تہ اهو هرگز اِها جرئت نہ ڪري ها تہ پنهنجي ملڪ جي خدائن (ديوتائن) جا راز کولي ۽ متّن خلقَ کلائي ها، پر شرط اهو آهي تہ اُهي ديوتا، سماج جي مُهذِب ۽ روشن خيال ماٹھن جي دلين ۾ اڳ ۾ ٿي ڳجهي نفرت جي علامت نہ بٹيل هجن ها.[7]

اٹنٹوننز جي دوُر ۾، توڙي جو لا مذهبيت، هڪ عام فئشن ٿي ويو هو، ان جي باوجود پادرين جي حتن ۽ ماٹھن جي سادگيءَ جو پورو احترام ڪيو ويندو هو. قديمي دوُر جا فيلسوف پنهنجين تحريرن توڙي تقريرن ۾ سبب يا دليل جي منفرد عظمت تي زور ڏيندا هٹا، پر قانون جي حڪمن ۽ وقت جي روايتن ۽ رسمن کي ڏسندي، ان تي عمل ڪرڻ يا ڪرائڻ کان پنتي هٹي ويندا هٹا. عام جهنگلي ماٹھن جي غلطين کي درگذر ڪندي ۽ پنهنجي بيوسيءَ تي دل ٹي دل ۾ مُرڪندي، اُهي پنهنجي اَبن ڏاڏَن جون ورسيون پاڻ باقاعدگيءَ سان ملهائيندا هٹا، اڪثر ڪري مذهبي جوش جذبي سان ديوتائن جي مندرن جون حاضريون پريندا هٹا، ۽ ڪن موقعن تي تہ کين پنهنجي حيثيت کي ايترو هيٹ ڪيرائڻو پوَندو هو جو وهمن ۽ وسوسن جي ناٹڪ جي اسٹيج تي پاڻ کو ڪردار بٹجي ڪر ڪندا هٹا ۽ ڪڏهن تہ ڪنهن ڏهريي (خدا تعاليٰ جي منڪر) جي نظرين ۽ خيالن کي بہ پنهنجي جُبن ۽ عمامن ۾ لڪائي،ويندا هيا. سببن يا دليلن جي اهڙي قسر جي رڪوالن کان اها اُميد ڪرڻ اجائي هٹي تہ هو پنهنجي مذهب يا عبادت جي سلسلي ۾ ڪنهن سان ڪو اعتراض ڪندا يا جهيڑو جوٹيندا. ماٹھن جي اڪثريت کان ڪهڑيون غلطيون يا گناهہ سرزد ٹين ٿا، انهن ڳالهين ۾ پوَڻ کان هو پاڻ پاسيرا هٹا، اُهي پنهنجي اندر ۾ نفرت جا انبار ڪٹي ۽ باهران اوترائي احترام جا لباس پائي لبيا جي عبادتگاهن ۾ بہ ويندا هٹا تہ اولمپيا ۽ روم ۾ ڪٹيٹول پهاڙ تي اڈيل جوپيٹر ديوتا جي مندرَ ۾ بہ پهچي ويندا هيا.[8]

اهو سمجهڻ آسان ڪر نہ آهي تہ ڪهڙن سببن جي ڪري روم جي انتظامي ادارن ۾ اِيذاءَ رسائڻ جي عمل کي شامل ڪيو ويو. مئجسٽريٽن کي انڊي پر پکي تعصب يا ڪٽرپڻي جي جذبن ذريعي پڙڪائڻ ايترو آسان نہ هو جو تہ اُهي پاڻ فيلسوف هئا ۽ ايئنس جي ادارن، سينيٽ کي قانون جو محافظ بنائي ڇڏيو هو. اُنهن کي ڪنهن اقتدار يا دولت جي لالچ ڏيئي، ڪانئن زوريءَ ڪرَ وڌڻ جي ڪا بہ گنجائش ڪا نہ هئي جو تہ عارضي ۽ ڪليسائي اختيارن کي ملائي ساڳين هٿن جي حوالي ڪيو ويو هو. نهايت ئي نامياري سينيٽرن منجهان، پادرين کي چونديو ويندو هو ۽ وڏي ۾ وڏي پادري يا مکيہ بِشپَ جو عهدو هميشہ لاءِ پاڻ شهنشاهن وٽ هوندو هو. ڪين خبر هئي تہ مذهب جا گهٽا فائدا هيا تنهنڪري هُو ان جو قدر ڪندا هيا جو تہ مذهب شهري حڪومت سان ڪافي لاڳاپيل هو. اُهي عام ماڻهن جي ميلن ۽ گڏجاڻين جي پرپور همت افزائي ڪندا هئا جنهن ذريعي عوام جي اخلاق ۽ عادتن ۾ ماڻهپو ايندو هو. هنن، اڳڪٿي يا پيشنگوئي ڪندڙن جي فنَ کي بہ همٿايو ۽ ان کي پنهنجي پاليسين جو حصو بنايو. ڪين هڪ ڪارائتو گُرُ هٿ اچي ويو تہ، ڪوڙن قسمن ڪٽڻ جي ڏوهہ ڪرڻ تي ديوتا سخت ناراض ٿين ٿا ۽ انتقامي ڪارروائي ڪندي، هِتي يا مستقبل جي زندگيءَ ۾ يقيني طور ڪين سخت سزا ڏين ٿا. اهو سماجي طور تي هڪ عزت پريو ۽ مضبوط ٻنڌڻ بنجي ويو.[9] پر هڪ طرف هنن مذهب جي عام فائدن کي تسليم ڪيو ۽ ڪين يقين هو تہ عبادت جي مختلف طريقن جو مقصد فقط هڪڙوئي هو تہ فائدو حاصل ڪجي، اهو بہ سندن خيال هو تہ هر ملڪ ۾ وهر يا وسوسي جو ڪو نہ ڪو طريقو هو جنهن کي وقت ۽ زماني آزمائي ثابت ڪيو هو تہ اهو ماحول، موسم ۽ ساڳئي وقت اتان جي رهاڪن جي بہ عين مطابق هو. لالَچ ۽ ذائقي، فتح ٿيل قومن کان گهٽي پاڳي، اُنهن جي ديوتائن جي شاندار مجسمن ۽ مندرن[10] جي بي بها زيورن کان محروم ڪري ڇڏيو، پر مذهب جي سلسلي ۾، جيڪو ڪين سندن آبن ڏاڏن کان ورثي ۾ مليو هو،ان ۾ ڪين بيحد خوشي،اطمينان ۽ ان کان سواءِ روم جي شهنشاهن طرفان ڪين حفاظت بہ ملي. گال جو صوبو، لڳي تو ۽ يقينن لڳي تو تہ عالمي سهپَ ۽ برداشت جي سلسلي ۾ ٻين کان گهٽو مختلف هو. ٽائبيريس ۽ ڪلاڊيس شهنشاهن، انساني قرباني کي ختر ڪرڻ جي ظاهري بهاني تي، ڊُروئِڊس جي خطرناڪ طاقت کي ختر ڪري ڇڏيو،[11] پر خود پادري، انهن جا ديوتا ۽ انهن جا عبادتگاهہ تيستائين امن جي ڏَنڊَ ۾ تڳندا رهيا جيستائين لا مذهبيت جو مڪمل خاتمو ٿي ويو.[12]

عظيم شهنشاهت جي تخت گاهہ روم ۾ سندس رعيت جي ماڻهن توڙي سڄي دنيا[13] جي ڏارين جي آمد جو سلسلو لڳاتار جاري هو، جن پنهنجي سُڃاڻپ ڪرائيندي ٻڌايو ٿي تہ هو پنهنجي پنهنجي ملڪ جي پسنديده وهمن وسوسن ۾ خوش هئا ۽ اُنهن تي اعتبار ڪندا هئا.[14] شهنشاهت جو هر شهر پنهنجين تقريبُن ۽ مذهبي رسمن جي قديمي اصليت ۽ سچائيءَ کي برقرار رکڻ جو خواهشمند هو، ۽ روم جي سينيٽ پنهنجن اختيارن جو استعمال ڪندي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي شهنشاهت ۾ ڏارين رسمن ۽ تقريبن ملهائڻ جي هوڏ کي روڪڻ لاءِ مداخلت ڪندي هئي. مصر جي وَهر پرستيءَ کي سيني کان وڌيڪ خراب ۽ نفرت جي قابل سمجهي، ان تي عمل ڪرڻ کان سختيءَ سان روڪيو ويو. سِراپس ۽ آئيسِس جا مندر ڊاهيا ويا ۽ اُنهن جي عبادت گذارن کي روم ۽ اٽليءَ مان ملڪَ نيڪالي ڏني وئي.[15] پر حڪومت جي تڏِي ۽ ڪمزور پاليسيءَ جي ڪوششن تي مذهبي جوش ۽ جنون حاوي ٿي ويو.

نيڪالي ڏنل واپس موڪي آيا. مذهب متائيندڙ وڏي ويا. مندرن کي وڏي شان ۽ شرکت سان بحال ڪيو ويو ۽ آخرڪار آئيسِس ۽ سِراپس جو مرتبو ايترو مٿي ٿي ويو جو هو روم جي ديوتائن ۾ شامل ٿي ويا.[16] اهڙي احسانمنديءَ جو مظاهرو حڪومت جي اڳيَن مثالن ۽ ڪنيل قدمن جي دائري کان هرو پرو ٻاهر نه هو. گڏيل ملڪيت جي سڀني زماني ۾، سائبيل ۽ ايسڪيولئپيَس کي باوقار سفارتخانن[17] طرفان هڪ دعوت تي سڏيو ويو هو ۽ اهو ان وقت هڪ رواج هو ته گهيري ۾ آندل شهرن جي محافظن کي تمام وڏيون عزتون ۽ انعام اڪرامَ، جيڪي ڪين پنهنجي ملڪ ۾ نه مُيسر نه هوندا هيا، ڏيئي هرڪايو ۽ نوازيو ويندو هو.[18] روم نيٽ پنهنجي رعيت لاءِ هڪ عام مندر جو روپ ونڊي ويو ۽ انسانذات جي سڀني ديوتائن لاءِ شهر ۾ اچڻ وڃڻ جي هاڻي ڪليل آزادي ڪين ميسر ڪئي وئي هئي.[19]

II . قديم شهرين جي صاف ۽ نج نسل کي ملاوٽ ڪانسواءِ اصل حالت ۾ قائم رکڻ کي تنگ نظري جي پاليسي سمجهيو ويو. جنهن سبب پاڻ ۽ بخت به ڪانئُن پُٽيرو ٿي ويو ۽ ان پاليسي اثينس ۽ اسپارٽا کي تباهيءَ جي ڪناري تي پهچائي ڇڏيو. روم جي تخليقي رجحانن، سڪٽي آڪڙ کي ڇڏي مقصد واري واتَ ورتي، ۽ خُلق اخلاق ۽ خداداد صلاحيتن کي اختيار ڪرڻ کي وڌيڪ عزت ڀريو ۽ دانشمنديءَ وارو قدم قرار ڏنو ۽ اهو عزم ڪيو ته توڙي جو هو غلامن يا ڌارين سان گڏ هجن، دشمن جي سنگت توڙي بربرن سان يا ڪٽي به هجن ۽ ڪنهن سان به هجن پر هو پنهنجي اخلاق ۽ صلاحيتن ذريعي سڃاتا وڃن.[20] اثينس جي گڏيل وفاق واري آسودگيءَ جي دؤر ۾، شهرين جو تعداد آهستي آهستي ٽيهن هزارن[21] کان گهٽجي ايڪيهَن هزارن[22] تائين اچي پهتو. هن جي برعڪس، جيڪڏهن اسان روم جي جمهوريه جي واڌ جو مطالعو ڪريون ته اسان کي معلوم ٿيندو ته جنگين ۽ ڪالونين جي گهرجُن ۽ ضرورتن جي باوجود، سرويَس ٽوليَس جي پهرين آدمشماريءَ ۾، شهرين جو تعداد، جيڪو ٽِياسي هزار ماڻهن کان مٿي نه هو، سو، سماجي جنگ جي شروعات کان اڳ ۾، چار لک، ٽيهڻ هزار ماڻهن جي انگَ تائين مٿي هليو ويو ۽ هي اُهي ماڻهو هئا جيڪي پنهنجي ملڪ جي دفاع لاءِ هٿيار کڻڻ جا اهلَ هئا.[23] جڏهن روم جي اتحادين، اعزازن، انعامن ۽ حقن جو هڪ جيترو حصو گهريو، ته سينيٽ هڪ خَسيس رعايت ڏيڻ جي بجاءِ، کين هٿيارن ڏيڻ جي آڇَ کي بهتر سمجهيو. سمنائيٽس ۽ لوڪٽيَنس کي پنهنجي عُجارت ۽ جلد بازيءَ لاءِ وڏو ڏَنڊُ ڏيڻو پيو. باقي اٽليءَ جون بچيل رياستون، جيئُن جيئُن پنهنجي پنهنجي ڊيوٽي تي ڪاميابيءَ سان واپس ٽيندڙ ويون ته انهن کي اطمينان ۽ آرام سان جمهوريت[24] جي پاڇي ۾ ويهاريو ويو، جن عوامي آزادي جي تباهيءَ لاءِ بنا دير پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. ڪنهن به جمهوري حڪومت جا شهري آزادي ۽ خود مختياري جا اختيار استعمال ڪندا آهن ۽ اُهي اختيار جيڪڏهن ڪن اَڻ گهڙيل ماڻهن جي ميڙ سان لاڳاپيل هوندا ته پوءِ اُهي پهريون ته غلط استعمال ٿيندا ۽ پوءِ پاڻهئي ختم ٿي ويندا. پر جڏهن وڏّن ذريعي چونڊيل اسيمبلين جي آواز کي شهنشاهن جي انتظامي ادارن طرفان دٻايو ويو ته فاتحَ، پنهنجي فتح ڪيل قومن کان، رعيت جي عزت جي قائم ڪيل معيار ذريعي ڌار ڪري سگهيا هيا ۽ سندن تيز واڌارو هاڻي اڳي وارن خطرن کان صفا آجو هو. ان جي باوجود جيڪي وڌيڪ سياڻا ۽ دُور انديش شهزادا هئا، اُنهن آگسٽَس جي قائم

کيل اصولن تي هلڻ جي کوشش ڪندي تمام گهڻي احتياط سان روم جي نالي ۽ شهرت جي حفاظت ڪئي ۽ شهر جي آزاديءَ کي، آزاد خياليءَ جي ايا وڌيڪ وسيع ۽ ڪُشادگيءَ واري دائري ۾ پکيڙيو ويو.[25]

رومين جي حقن ۽ رعايتن کي فراخ دليءَ سان شهنشاهت جي سڀني شهرين جي ڏَرَن وٽ پهچڻ ڏائين، انڪي ۽ صوبن جي وچ ۾ هڪ واضح فرق کي قائم رکيو ويو هو. انڪي کي ماٺهن جي ايڪي ۽ اتحاد جي مرڪز ۽ آئين جي پڪي پختي بنياد طور سڃاتو ڏي ويو. انڪي کي اهو اعزاز هو ۽ ساڳي وقت انجي دعويٰ به هئي ته اهو شهنشاهن جي جمڙ جو هنڌ هو يا گهٽ ۾ گهٽ انهن جي ۽ سينيٽ جي رهائش گاهه اُتي ٿي هئي.[26] انڪي جي رهاڪن جون جاگيرون، ٽئڪسن کان آجيون هيون ۽ اُنهن جي پنهنجي ذات ۽ گورنرن جي هڪ طرفن اختيارن کان آزاد هئي. اُنهن جي ميونسپالٽي جي ادارن، جن کي گاديءَ جي هنڌ وارين ميونسپالٽين جي بهترين طرز تي ناهيو ويو هو، اعليٰ اختيار رکندڙ جي ويجهي نظر هيٺ قانون تي سختيءَ سان عمل ڪرائڻ جي ذميواري سؤنپي وئي هئي. انڪپس جبل جي ندي کان، ڪئلابريا جي آخري حدن تائين، انڪي جي سڀني رهواسين کي روم جا "ڄائي ڄمَ جا شهري" هڻڻ جو اعزاز عطا ڪيو ويو. سندن هڪَ طرفا فرق ۽ تفاوت ختم ڪيا ويا. ۽ انهن چپ چاپ ۽ آهستگيءَ سان ايڪو ڪري هڪ وڏي قوم ناهي ۽ زبانَ، هلڻ چلڻ جي طور طريقن ۽ شهري ادارن جي نظامَ، کين طاقتور شهنشاهت جي مانَ شانَ مطابق اوتروئي متحد ڪري رکيو هو. درياهَ دلي جي پاليسين اختيار ڪرڻ سبب جمهوريه جي شان ۽ شوڪت ۾ اضافو ٿيو ۽ اڪثر موقعن تي ان جو انعام سندس پاليل ۽ اختيار ڪيل پُٽن، جي صلاحيتن ۽ خدمتن جي صورت ۾ ڪيس ملندو هو. جيڪڏهن رومين جي اعزاز کي فقط شهرَ جي چار ديواري ۾ رهندڙ قديمي خاندانن تائين محدود ڪيو وڃي ها ته روم جو لافاني نالو شايد سُهڻن زيورن جي سجاوٽ کان محروم رهجي وڃي ها، ورجل مٿنٽا جو رهندڙ هو، هورئس کي ڪڏهن پاڻ تي گمان ڪيندو هو ته هو پاڻ کي اَپُولين سمجهي يا لُوڪٽين، نيٽ پاڏا جي جڳهه تي هڪ مؤرّخ روم جي فتحن جي ڪمالَ وارن ڪارنامن کي پوريءَ طرح قلمبند ڪيو. ڪٽُوس جو وطن پرست خاندان تسڪيولم منجهان ظاهر ٿيو. ۽ آرپينم جي ننڍڙي شهر ٻيٽي اعزاز جي دعويٰ ڪئي ته هن ماريَس ۽ سِسيرو جهڙا ماٺهو پيدا ڪيا هئا، جن مان اڳئين جو مرتبو روملس ۽ ڪئميلَس کان پوءِ، روم جي بانين ۾ ٽئين نمبر تي ٿي آيو. ۽ پوئين، پنهنجي ملڪ کي ڪٽنلين جي بدنيتي وارن منصوبن کان بچائڻ ڪانپوءِ ان کي اٽينس سان فصاحت ۽ بلاغت جي دنيا ۾ مقابلي لاءِ تيار ڪيو.[27]

شهنشاهت جا صوبا (جيئن اُنهن کي پوئين باب ۾ بيان ڪيو ويو آهي) ماٺهن جي طاقت ۽ توانائي ۽ آئيني آزاديءَ کان بلڪل يتيم هئا. اتروريا ۾، يونان ۾[28] ۽ گال ۾[29]، سينيٽ جو پهريون اونو اهو هو ته ملڪن جي اُنهن خطرناڪ ٻَڌيَن کي ختم ڪري جن انسانذات کي سبق ٿي سيکاريو ته روم جون فوجون، طاقت ۽ برتريءَ جي سلسلي ۾ ورهايل آهن ۽ يونين طرفان عين ممڪن هو ته اُنهن جي مزاحمت ڪئي وڃي. انهن شهزادن جن جي احسانمندي يا سخا جي ظاهري ڏيڪ، کين ڪجهه وقت لاءِ غير يقيني شاهي لَٽ کي ڪٽڻ جي اجازت ڏني هئي، ته جيئن ٻي اُنهن، فتح ڪيل قومن کي غلاميءَ ۾ رکڻ جو مٽن سونپيل ڪم پورو ڪيو. ته فورن کين تخت تان لاٿو

ويو. آزاد رياستن ۽ شهرن، جن روم سان پنهنجي يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو هو، ٽوري اتحاد ذريعي ٻه پنهنجي ويجهو آڻي ڪين نوازيو ويو، پر اُهي ويچارا بي خبري ۽ چپ چاپ ۾ سندن غلاميءَ ۾ غرق ٿي ويا. هرڇڪهه تي سينيٽ ۽ شهنشاهه جي وزيرن طرفان اختيارن جو استعمال ڪيو ويندو هو. ۽ اختيارن تي ڪنهن جو به ضابطو ڪو نه هو ڇو ته اُهي لامحدود هيا، پر حڪومت ڪرڻ جا ساڳيا سونهري اصول، جن ذريعي اڳلي جي اَمن ۽ ان جي فرمانبرداريءَ کي حاصل ڪيو ويو هو، ڏورانهَن ڏيهَن جي فتحن لاءِ به آزمايا ويا. وقت سر صوبن ۾ رومين جي هڪ قوم ناهي وئي جنهن مان به مقصد حاصل ڪيا ويا، هڪ ته اُنهن ذريعي ڪالونيون ناهي وَسايون وڃن، ٻيو ته اُنهن وفادار ماڻهن کي اُتي داخل ڪيو وڃي جيڪي صوبن جا لائق فرد ۽ روم جي آزاديءَ جا خواهشمند هيا.

"هڪ رومي جيڪا به جڳهه فتح ٿو ڪري ته اتان جو ٿي وڃي ٿو." هنن خيالن جو اظهار سينيڪا[30] ڪيو جنهن جي تائيدَ، تاريخ ۽ تجربي ٻنهي ڪئي. اڳلي جي رهواسيَن مزن ماڻڻ يا وري ذاتي دلچسپيءَ جي لحاظ سان سوپ جون خوشيون ملهائڻ لاءِ تمام جلدبازي ڪئي، ۽ هتي اسان اهو به ٻڌائيندا هلون ته ايشيا جي ننڍي ٽيڻ جي اڳل چاليهن سالن کان پوءِ، اسي هزار رومين کي هڪڙي ڏينهن ۾ ظالم مثريڊيٽس[31] جي حڪر تي قتل ڪيو ويو. ماڻهن پاڻ مرادين جلاوطنيون فقط پنهنجن ڏنڊن جيئن تجارت، ٻني ٻارو ۽ آمدني وڌائڻ جي سلسلي ۾ اختيار ڪيون هيون. شهنشاهن طرفان فوجين جي نوڪري پڪي ڪرڻ ڪانپوءِ صوبن جا رهواسي پوءِ ڇڻ فوجين جون ذاتيون ۽ قبيلا ٿي ويا ۽ جهونا يا رٽائر ٽيل فوجي، جن کي پنهنجي خدمتن جو انعام ڪنهن زمين جي ٽڪري يا پٽسن جي صورت ۾ ملیو هو، گهٽو ڪري پنهنجي پنهنجي ڪٽنب سان انهن ملڪن ۾ وڃي آباد ٿيا جتي هُنن پنهنجي جواني جا ڏينهن ڏاڍي مانَ ۽ مرتبي سان گذاريا هئا. سڄي شهنشاهت ۽ خاص طرح ان جي مغربي حصن ۾، وڏ ۾ وڏ زرخير ضلعا، جتي هر قسر جون سهولتون موجود هيون، ڪالونيون قائر ڪرڻ لاءِ مخصوص ڪيا ويا هئا جن مان ڪجهه علاقا عام شهرين لاءِ، باقي بيا فوجين کي آباد ڪرڻ لاءِ هيا. پنهنجي طور طريقن ۽ اندروني پاليسين ۾، ڪالونين پنهنجي سڃاڻپ پوريءَ طرح پنهنجن صوبن جي رهڻي ڪهڻيءَ مطابق رکي هئي ۽ جيئن ئي اُتان جي رهواسين سان دوستي ۽ قربن جا ناتا رکي انهن جي ويجها ٿي ويا، ته انهن نهايت ئي ڪاميابيءَ سان روم جي ناليجي عزت ۽ احترام کي هر طرف ڦهلائي ڇڏيو ۽ خود به اُنهن اعزازن ۽ هر طرح جي فائدن ۾ حصيدار ٿي پيا[32] جن کي حاصل ڪرڻ جي سندن پراڻي خواهش هئي. ميونسپالٽي جي حدن وارن شهرن، ڪالونين جي شان ۽ شوڪت سان پيڇجڻ جي اجائي ڪوشش ڪئي، جنهن لاءِ هڏبرئن جي حڪومت ۾ اعتراض اُٽارڻ تي ڪين خبر پئي ته اها خاص اهميت اُنهن طبقن ۽ سوسائٽين کي ڏني وئي هئي جن لاءِ يا ته خاص اجازت ڏنل هئي يا وري اُنهن ڪنهن طريقي سان روم وارن[33] جو راضپو ۽ ويجهائي حاصل ڪري ورتي هئي. عام چوڻ موجب، لئٽير جو حق اُنهن کي عطا ڪيو ويو جن تي هڪ طرفي مهرباني ڪئي وئي هئي، اهو حق فقط مئجسٽريٽن کي ڏنل هو ته نوڪري جي مُدي پوري ڪرڻ ڪانپوءِ هُو خود بخود روم جا شهري ٿي ويندا هيا، پر جيئن ته سندن عهدا سالياڻ هوندا هيا ته ڪجهه سالن ڪانپوءِ خاص خاندانن تائين لِکت جي ذريعي کين به شرڪت ڪرڻ جو اطلاع ڏنو ويو.[34] صوبن جا اُهي ماڻهو جن کي فوجين جي اندر[35] اسلحي رکڻ جي اجازت هئي، يا اُهي جن کي ڪا به شهري ملازمت هئي، يا مجموعي طور تي اُهي جن

حڪومت جي ڪاب نوڪري ٿي ڪئي، يا اُهي جن ڪئي پنهنجي ذاتي لياقت يا ذهانت جو مظاهرو ڪيو هو، اُنهن سيني کي تحفا ڏئي نوازيو ويندو هو. ۽ جيئن جيئن شهنشاهن جي آزاد خيالي وڌندي ويندي هئي، تيئن تيئن اُنهن تحفن جو ملهه به درجي به درجي گهٽبو ويندو هو. ان جي باوجود، جڏهن اٽنٽوننز جي دؤر ۾ رعيت جي بيشمار ماڻهن کي شهر ۾ گهمڻ ڦرڻ جي آزادي، عطا ڪئي وئي هئي، ته اُن آزاديءَ سان گڏ ٻيا ڪيترائي وڏا فائدا به شامل هئا. ماڻهن جي تمام گهڻي تعداد کي شهريت جي خطاب سان گڏ روم جي قانون مطابق دلچسپيءَ وارين ڳالهين جهڙوڪ: شادي، وصيتون، موروثي ملڪيت وغيره ۾ تمام گهڻا فائدا ملندا هئا. پاڻ ۽ بخت جو رستو اُنهن سيني لاءِ هڪ جهڙو کليل هو جن جي حقن جي تصديق ٻيا ماڻهو ڪجهه رعايت يا مُروت منجهان ڪندا هيا يا وري اُهي رعايتون ڪين پنهنجين خداداد صلاحيتن تي ملنديون هيون. گالز جي پُٽن پوٽن، جن اليسيا ۾ جُولئس سيزر جو محاصرو ڪيو هو، فوجن جي ڪمان ٿي ڪئي، صوبن جي حڪومت ٿي هلائي ۽ ڪين روم جي سينيٽ ۾ شامل ٿيڻ جي اجازت ملي وئي هئي.[36] سندن مقصد، رياست جي پُرسڪون ماحول کي خراب ڪرڻ جي بجاءِ، ان جي سلامتي ۽ عظمت کي برقرار رکڻ هو.

قومي روَين ۽ طريقن تي سندن هوليءَ جي اثر بابت رومي ايترا ته آگاهه هيا جو پنهنجي اسلحي جي واڌاري سان گڏ، لاطيني زبان[37] جي استعمال ۽ انجي ترقي جي لاءِ خواهشمند ۽ وڏ ۾ وڏ خيال رکندا هئا. اٽلي جا قديمي لهجا جيئن سئبين، ايٽروسڪن، ۽ وينيشين گمنامي جي وهڪري ۾ ٻُڏي ۽ گم ٿي ويا. پر صوبن ۾، فاتح استادن جي آواز تي مشرق وارا مغرب جي مقابلي ۾ گهٽ فرمانبردار نظر آيا. مختلف رنگن جي ماڻهن شهنشاهت جي ٻن حصن ۾ اهو واضح فرق آندو هو جيڪو توڙي جو ڪجهه قدر ملڪ جي خوشحالي ۽ وڏي شان مانَ جي ڪري غير واضح هو پر جيئن جيئن روم جي دنيا تي رات جا پاڇا لهندا ويا تيئن تيئن اِهو فرق وڌيڪ چٽو ٿيندو ويو. مغربي ملڪ اُنهن ئي هٿن ۾ وڌيڪ مهذب ٿي ويا جن کين پنهنجي تابع ڪيو هو. بربر جيئن ئي فرمانبرداريءَ سان مانوس ٿي خاموش ٿي ويا ته اُنهن جي دماغن جا طبَق هاڻي علم ۽ سنجيدگيءَ سان روشن ٿيڻ لڳا. ورجل ۽ سِسيرو جي هولي اَڻ تڻ ملاوٽ سبب بگڙڻ جي باوجود، آفريڪا، اسپين، گال، برطانيه ۽ پنونيا ۾[38] آفاقي طريقي سان ان حد تائين اختيار ڪئي وئي جو پيونِڪ يا ڪلٽي محاورا ڇڻ قديمي آثار بڻجي ڪٽي ڪٽي جبلن ۾ يا ٻهراڙين جي ڪڙمين ۽ هارين وٽ[39] محفوظ ٿي ويا. تعليم ۽ مطالعي اُنهن ملڪن جي رهواسين کي غير محسوس ٿيندڙ طريقي سان اندر ۾ ڪجهه حاصل ڪرڻ جو رومين وارو جذبو جاڳايو. ۽ اٽلي ۽ لاطيني صوبن جي ماڻهن کي فيشن سان گڏ قانونَ به ڏنا. اُنهن وڏي گرمجوشي ۽ جذبي سان ڪُهرَ ڪئي ۽ رياست جي آزادي ۽ مانَ کي موٽائڻ ۾ آسانيءَ سان ڪامياب ٿيا ۽ علم[40] توڙي هٿيارن جي برتري ۽ قومي وقار جي پرپور حمايت ڪيائون. ان کان سواءِ ٽراجن جهڙي شخصيت ۾ کين اهڙو شهنشاهه مليو جنهن کي اسڪيپيوز به پنهنجي ملڪ جي ماڻهن لاءِ، ان کان لاتعلقي جو اظهار نه ڪري ها.

يونانين جي صورتحال بربرن کان بلڪل مختلف هئي. يوناني تمام گهڻي عرصي کان مهذب به هيا ته ساڳي وقت بگڙي بچڙا به ٿي ويا هيا. سندن پسند ايتري ته عروج تي پهتل هئي جو هو پنهنجي هولي ڇڏڻ جو تصور به نٿي

ڪري سگهيا، ته وري سندن آکڙ ۽ وڌائي ۾ اوتري ئي اُتاهين هئي جو ڏارين ادارن کي اختيار ڪري سگهن. پنهنجي وڏڙن جا سڀا گڻ وڃائڻ کانپوءِ ۾ انهن پنهنجي تعصبن کي پنهنجي اندر ۾ زندهه رکيو ۽ رومي فاتحن جي اُگرن ۽ اٿوٿندڙ طور طريقن لاءِ نفرت ڪرڻ تي اثر انداز ٿيا، جڏهن ته پنهنجي مٿاهين سياٽپ ۽ طاقت کي مان ڏيڻ لاءِ کين مجبور ڪيو ويو هو.[41] نه وري گريشين هولي يا ان جي جذبن جو اثر سندن عزت واري ملڪ جي ننڍڙن دائرن تائين محدود هو. ڪالونين جي واڌ ۽ سندن سوپن ذريعي، سندن شهنشاهت ائڊرئنڪ کان فرات ۽ نيل ندي تائين پکڙجي وئي هئي. ايشيا، يونان جي شهرن جي گهيري ۾ اڃي ويو هو ۽ مئسيڊونيا جي شهنشاهن جي طويل حڪومت، مصر ۽ شام ۾ هڪ خاموش انقلاب جو بِيڄ پوکي ڇڏيو هو. پنهنجي پروقار ڪورٽن ۾ سندن شهزادن، اٽينس جي شانَ ۽ شوڪت کي مشرق جي عياشيءَ سان وڄي ملايو ۽ سندن رعيت جي ڪجهه مٿاهن ماڻهن، ڪورٽ جي مثال جي طنز مان نقالي ڪئي. رومي شهنشاهت جي لاطيني ۽ يوناني هولين جي ورهاڱي جو اهڙو حشر ۽ حال هو، اسان انهن ۾ وري شام جي رهواسين جي جوڙجڪ ۾ هڪ بِين خصوصيت جو واڌارو خاص طور تي مصر ۾ ڪنداسين.

انسانذات جي واپاري ذهنيت کي ٻاهر ڪڍي سوچجي ته لڳندو ته قديمي لهجن جي استعمالَ، بربرن ۾ ايندڙ بهتريءَ کي روڪي ڇڏيو هو.[42] شام وارن جي ڪاهلي ۽ ڪمزوريءَ جي روَش سبب ماڻهن ۾ انهن لاءِ نفرت پيدا ٿي پئي هئي ۽ مصر وارن جي سخت ۽ ڇتائيءَ واري روَيي وري فاتحن ۾[43] انهن لاءِ بُڇان ۽ ڪاوڙ جي ڳڙيل جذبن کي پڙڪايو هو. هُو تومون روم جي طاقت اڳيان جهڪيون ته هيون پر اُنهن شهر جي آزادي نه ته چاهي هئي ۽ نه وري اُنهن پاڻ کي ان لائق بڻايوئي هيو ۽ اڪثر ماڻهن کي ائين چوندي ٻڌو ويو هو ته بطليموسن جي تباهي کان ٻه سؤ ڏيهن سالن جي گذري وڃڻ کان پوءِ وڃي کو مصر، ماڻهو روم جي سينيٽ ۾ داخل ٿي سگهيو هو.[44]

اهو هڪ ڳڻل پينل مشاهدو آهي ته فاتح روم خود، يونانين جي جادوگري وارن ڪرتبن سبب اُنهن جي تابع ٿي ويو. اُهي لافاني ليکڪ جيڪي ايجا تائين جديد يورپ ۾ داد حاصل ڪن ٿا ۽ عزت سان ياد ڪيا وڃن ٿا، ۽ اٽلي توڙي مغربي صوبن جي ماڻهن جلدي اُنهن جو مطالعو ۽ سندن علمي پيروي ڪرڻ شروع ڪري ڏني، پر رومين جي شاندار تفريحن جو تسلسل قائم رهيو ۽ اُنهن ۾ ڪا به اهڙي رڪاوٽ نه آئي جو اُنهن جي پاليسي جي سونهري اصولن کي مٽائر ڪري سگهي. هڪ طرف اُنهن يوناني زبان جي سُونهن ۽ خوبصورتيءَ کي دل سان ٿي مڃيو ته ٻي طرف لاطيني وقار کي به تسليم ٿي ڪيو. ....ها اُنهن لاطيني زبان جي خصوصي ۽ وڏيڪ استعمال تي زور ٿي پريو ته ان کي هر صورت ۾ شهري توڙي فوجي ادارن[45] ۽ حڪومت جي هر ڪاتي ۾ انجو پورو پورو استعمال ڪيو وڃي، ٻنهي زبانن جو اختيار ۽ دائرو ساڳي ئي وقت تي، سڄي شهنشاهت ۾ ساڳيو هو. البت يوناني زبان کي سائنسي اصطلاحن ۽ جَوڙين لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو ۽ لاطيني، حڪومت جي سرشتي ۽ وهنوار هلائڻ جي قانوني لهجي طور ڪتب ايندي هئي. اُهي جن علمي ڇاڻ کي واپار وهنوار سان وڄي ملايو هو، ٻنهي زبانن جا چڱيءَ طرح ڄاڻو هيا، ۽ ڪٿي به يا ڪنهن به صوبي ۾، روم جي ماڻهن جو ڪو به اهڙو فرد ڳولڻ ڏري گهٽ ناممڪن هو جنهن آزاديءَ مان تعليم به حاصل ڪئي هجي ۽ يوناني ۽ لاطيني زبان لاءِ اوڇتو ئي اوڇتو اوپرو ٻڌجي وڃي.

اهو اهڙن ادارن جو ڪمال هو جو شهنشاهت جون سيئي قومون غير محسوس ٿيندڙ طريقي سان روم جي نالي ۽ ماڻهن مٽان قربان ٿيڻ لاءِ هر وقت تيار هونديون هيون. پر ان جي باوجود ڪٿي نه ڪٿي هر صوبي جي ڪنهن ڪنڊ ڪڙ يا ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪي ماڻهو ناخوش فقط انڪري رهندا هيا ته اُنهن مٽان سماج جو بار ته گهٽو هوندو هو پر اُنهن جي فائدن ۽ سهولتن کان ويچارا بلڪل محروم هيا. قديم زماني جي آزاد رياستن ۾، گهريلو نوڪر چاڪر يا ملازم، بدڪار ۽ آمراڻي روَش رکندڙ مالڪن هٿان ظلم جي گهاڻي ۾ پيڙيا رهندا هئا. هر زاويي کان تڪميل تي پهچڻ کان اڳ، رومي شهنشاهت ۾، ٽرلٽ، تشدد ۽ تباهيءَ جو دؤر عروج تي هو. غلامن جو تعلق گهٽو ڪري بربرن سان هو جيڪي ڪنهن جنگ جي موقعي تي، هزارن جي تعداد ۾ گرفتار ٿي غلام بڻجي ويندا هئا. جن کي وري پُگڙن مُڪ[46] تي خريد ڪيو ويندو هو. جيئن ٿي هو آزاد زندگيءَ سان مانوس ٿيندا هئا ته اُن وقت کان وٺي ان ڏينهن جا منتظر رهندا هئا، جڏهن، کين پارايل هٽڪڙين ۽ غلاميءَ جي ٻيڙين جو هُو پرپور انتقام وٺندا. اهڙن اندروني دشمنن خلاف، جن جي بغاوتن ۽ فتنن، رياست کي ڪيئي دفعا، تباهيءَ جي ڪناري تي پهچائي ڇڏيو هو،[47] سخت ۽ سخت قانونَ[48] ۽ وڏ ۾ وڏ ظالماڻو رويو بہ صحيح ۽ مناسب ٿي معلوم ٿيو جنهن کي ملڪي حفاظت جي زبردست قانون ان حد تائين وڃڻ جي اجازت ڏني هئي. جڏهن يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا جون مڪيہ قومون هڪڙي حاڪم جي قانون هيٺ پاڻ ۾ متحد ٿيون، ته ٻاهرين رَسَد جي ذريعي جو وهڪرو تمام گهٽجي ويو ۽ رومين کي شهرت ڏيڻ جو طريقو تمام ٽڪائيندڙ ۽ ڏکوئو ٿي ويو، تورڙي جو ان مشهوريءَ جو لهجو نهايت ئي نرم هو. سندن گهٽن خاندانن خاص طرح اُنهن جي ٻهراڙي وارين رياستن ۾، هنن پنهنجن غلامن جي شادين کي همٿايو. فطري جذبن، تعليمي لاڙن ۽ پُٽسن ڏوکڙن سميت ملڪيت جي هٿ، سندن غلامي واري زندگي[49] جي سختين کي ڪافي حد تائين گهٽائي ڇڏيو هو. هڪڙي غلامَ جو هجڻ وڏي اهميت ۽ قيمتي وَٽَ جي برابر ٿي ويو. ۽ تورڙي جو هن جون خوشيون سندس مالڪ جي روَيي ۽ حالتن جون محتاج هيون، ۾ مالڪ جو ماڻهپو، ڪنهن خوف کان ڊهڻ جي بجاءِ، سندس ذاتي دلچسپيءَ سبب واڪاڻ جهڙو هو. انساني روَين جي ترقي ۾ وڌيڪ تيزي آڻڻ لاءِ اخلاقي قوتن ۽ شهنشاهن جي تعريف لائق پاليسين اهر ڪردار ادا ڪيو هو، ان کان سواءِ هڏبرڻن ۽ اٽنٽوننز جي فرمانن ذريعي قانون جي تحفظ جو دائرو انسانن جي صفا هيٺين طبقن تائين بہ پهچايو ويو. غلامن جي زندگي ۽ موت جو اختيار، ذاتي هٿن مان ڪسي فقط مٿجسٽريٽن جي حوالي ڪيو ويو. هي اهڙو طاقتور اختيار هو جيڪو گهٽي وقت کان وٺي رائج هو ۽ اڪثر ان جو غلط استعمال ٿيندو هو. زمين جي اندر نهيل جيلن کي ختر ڪيو ويو، ظالماڻي ۽ برداشت کان ٻاهر سلوڪ ٿيڻ جي شڪايت ملڻ تي، زخمي يا ڏَڪيل غلام کي يا ته آزادي ملي ويندي هئي يا ڪيس اهڙي مالڪ جي حوالي ڪيو ويندو هو جيڪو گهٽ ظالم هجي.[50]

اميد ته روم جي غلامَ کي اسانجي نا مڪمل حالتن جي بهترين سهولت کان انڪار نه ڪيو ويو هوندو، ۽ جيڪڏهن ڪيس کو موقعو مليو هجي ۽ هن پنهنجي پاڻ کي ڪارائتو بڻايو هجي ۽ حالتن موجب رضا مند هجي، ته هن کي فطري طور اها اميد رکڻ گهرجي ته ڪجهہ سالن جي محنت ۽ وفاداريءَ جو صِلو ڪيس آزاديءَ جي انعام طور ملندو جنهن جي قيمت جي ڪَٽَ ڪرڻ ممڪن نه آهي، مالڪ جي رحم دلي ۽ مهرباني ڪڏهن ڪڏهن ڦُوندِ ۽ حرص جهڙن ناپسنديده ۽ ذلت جهڙن امڪانن کي جنم ڏيندي هئي، انڪري قانونَ ڏرياهہ دلي واري سخا ۽ ان جي مناسب

استعمال کي همٿائڻ جي بجاءِ روکڻ جي کوشش ڪئي ڇو ته اهڙي روَش جي بگڙڻ ۽ هيٺئين درجي تي پهچڻ مان خطرناڪ خرابين ۽ ناجائز استعمال جو وڌيڪ امڪان هو.[51] قديمي قانون جو هڪ مڃيل اصول هو ته هڪ غلام لاءِ اهڙو ڪو به ملڪ ڪو نه هو جنهن کي هو پنهنجو چئي سگهي، هن کي پنهنجي آزاديءَ سان گڏ هڪ اهڙي سياسي ۽ سماجي سوسائٽيءَ ۾ داخلا به پاڻهئي ملي ويندي هئي جنهن ۾ سندس مالڪ ان جو ميمبر هو. هن اصول جا نتيجا، روم جي شهر جي حقن جي تذليل ڪري ڇڏين ها ۽ هزارين ماڻهو جنسي بي راهه رويءَ جا شڪار ٿي وڃن ها. ڪجهه وقتي انفراديتون، بهرحال موجود هيون، ۽ عزت وارو اهو فرق صرف اُنهن غلامن لاءِ مخصوص هو، جن کي ڪنهن جائز مقصد لاءِ ۽ مئجسٽريٽ جي اڳواڻ اجازت سان، غلاميءَ مان عزت پريو ۽ قانوني چوٽڪارو حاصل ٿي ويندو هو. اهڙن خاص آزاد ٿيل ماڻهن کي به شهريت جي خانگي حقن کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه به نه ملندو هو، ۽ اُهي بهرحال شهري يا فوجي اعزازن يا انعامن حاصل ڪرڻ کان هر صورت ۾ محروم رهندا هئا. اُنهن جي پُٽن جو پاڻ يا سندن صلاحيت ڪهڙي هوندي، انهن کي بهرحال سينيٽ ۾ ڪنهن به عهدي وٺڻ لاءِ نااهل سمجهيو ويندو هو. نه وري انهن جي غلاميءَ جي آثارن يا نشانين کي سندن ٽئين يا چوٿين نسل تائين[52] ختر ڪرڻ جي ڪين اجازت هوندي هئي. رُتبن جي فرق کي مڪمل طور تي ختر ڪرڻ بنا، آزادي ۽ عزت پرئي مقام جو هڪ اَڻ جڻو امڪان اُنهن کي به آڇيو ويندو هو جن لاءِ غرور ۽ تعصبَ جي ڏِڪارَ ۽ بچان ايتري ته شديد هئي جو اُنهن کي ڇڻ انساني نسل مان به نه سمجهيو ويندو هو.

هڪ دفعي اها تجويز غور هيٺ آئي هئي ته غلامن کي ڪن خاص عادتن ۽ روَين جي بنياد تي اُنهن سان ورتاءُ ڪيو وڃي پر پوءِ ان ڳالهه جو وڏو امڪان پيدا ٿي پيو ته ڪين سندن تعداد[53] جي باري ۾ ڄاڻ ڏيڻ جو ڪم ڪنهن امڪاني خطري کان خالي نه هو. فوجين توڙي ٻين بيشمار ماڻهن[54] جي وڏن خطابن جي تشريح ڪرڻ کانسواءِ، سندن سخت رويي جي باوجود، اسان اهو ٻڌائڻ جي جرئت ڪيون ٿا ته غلامن جو تعداد، جن کي ڪُري ملڪيت تصور ڪيو ٿي ويو، نوڪرن جي ڳٽپ کان تمام گهڻو هو ۽ نوڪرن کي رکڻ هڪ فضول خرچي ڪرڻ جي برابر هو.[55] نوجوان جن کي اڳتي وڌڻ جو اتساهه هو، تن کي آرٽس ۽ سائنس پڙهائي ويندي هئي، سندن پيشوراڻي تعليم ۽ اُنهن جي ذهانت کي ڏسندي سندن قيمت جو ڪاڦو ڪري سگهبو هو.[56] هڪ شاهوڪار سينيٽر جي گهر ۾، هر قسم جو ڏنڊو يا هنر، پوءِ، توڙي اهو فراخ دلي وارو هجي[57] يا مشيني يا ٽيڪنيڪي، پيو هلندو هو. نمائشي ۽ جنس پرست وزير تمام گهڻا وڏي ويا هئا جن جو عياشيون، موجوده دؤر جي عياشيءَ جي تصور کان به وڏي ويون هيون.[58] ڪنهن به واپاري يا ٻي ڏنڊي واري ماڻهو لاءِ، هنر جي ڄاڻو ماڻهن کي ڪرايي تي ڪر ڪرائڻ کان ڪين خريد ڪرڻ سئولو ڪم هو ۽ سڄي ملڪ ۾ غلامن کي پوڪيءَ يا ڪيتيءَ لاءِ سستي ۽ سستن پئسن ۾ پر ڏکئي ۽ ڏکين ڪمن لاءِ نوڪري ڏني ويندي هئي. هڪ عام سوچ جي تصديق ڪرڻ ۽ بيشمار غلامن جي سلسلي کي وڌيڪ واضح ڪرڻ لاءِ، اسان هتي مختلف مثال ڏيئي ڳالهه کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪنداسون. هڪڙي دفعي هڪ غر جي موقعي تي اها ڳالهه معلوم ٿي ته روم جي فقط هڪ محلات ۾ چار سؤ[59] غلامَ رکيل هئا، ساڳيوئي چار سؤ غلامن جو تعداد هڪ رياست جو هو جيڪو هڪ خانگي طريقي جي آفريڪي بيوهه پنهنجي پٺ لاءِ ڇڏيو. جڏهن ته ذاتي طور تي ملڪيت جو تمام وڏو حصو پنهنجي لاءِ به ڇڏيائين.[60] آگسٽس جي حڪومت جي وقت ۾ هڪ آزاد ڪيل ماڻهوءَ، ان جو باوجود جي هڪ

خانہ جنگيءَ ۾ ڪيس وڏو نقصان برداشت ڪرڻو پيو هو. ٽي هزار ڇهہ سؤ ڏاندن جا جوڙا، اڀائي لکَ ننڍو مال (جيئن ٻڪريون ۽ رڍون) ۽ سندس چار هزار هڪ سؤ سورهن غلام، جيڪي پنهنجي پويان ڇڏي ويو تہ اُهي بہ چوپائي مال جي لِسٽ ۾ شامل هئا.[61]

رعيت جي ماڻهن، شهرين، صوبن جي ماڻهن، ۽ غلامن جو تعداد هاڻي اوتري صحيح طريقي سان نٿو ٻڌائي سگهجي جيتري اسانجي مقصد جي اهميت آهي. اسانکي ٻڌايو ويو آهي تہ جڏهن ڪلاڊيس شهنشاهہ محتسب جو بہ عهدو سنڀاليو تہ هن اٺهتر لک، پنجتاليهہ هزار رومي شهرين بابت معلومات حاصل ڪئي، جيڪي عورتن ۽ ٻارن سميت يقيني طور تي ويهہ لک اِسرَ ٿيا هوندا. هيٺئين طبقي جي بيشمار ماڻهن جو حساب صحيح نہ هو ۽ اهو ڪڏهن هوڏي هو. پر سيني ڳالهين کي وڏي غور سان تورڻ تڪڙ ۽ باريڪ بينيءَ جي نظر سان ڏسڻ کان پوءِ اهو يقين ٿئي ٿو تہ ڪلاڊيس جي وقت ۾ جيترا روم جا شهري هئا، ان جي ٻيڻ تي هر عمر ۽ هر جنس جا صوبن جا ماڻهو بہ موجود هئا ۽ غلامن جو تعداد جيڪڏهن وڌيڪ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ رومي دنيا جي آزاد ماڻهن جيترو ضرور هو.

اسانجي هن نا مڪمل ڳڻپ جي حساب ڪتاب موجب، ڪل ماڻهن جو تعداد هڪ سؤ ويهہ ملين يا ٻارهن ڪروڙن جو وڃي ٽيندو، جيڪو آدمشماريءَ جو هڪ اهڙو انگ آهي جيڪو موجوده يورپ[62] کان بہ مٿي وڃي ٻيهندو ۽ ان مطابق اها هڪ ايتري تہ وڏي سماجي سوسائٽي ٿي نهي جيڪا هميشہ حڪومت جي ساڻئي سرشتي هيٺ متحد رهي آهي.

رومين پنهنجي حڪومت جي جيڪا تڏي، وچڙي ۽ گهڻَ پاسائين پاليسي ناهي هئي تہ انجو فطري نتيجو اهو نڪتو تہ سندن اندروني اَمن امان ۽ اتحاد جو سهڻو ماحول برقرار رهيو. جيڪڏهن اسان ايشيا جي سلطنتن تي نظر ڊوڙايون تہ اسان کي مرڪز ۾ آمريت، ۽ ڏورانهَن علاقن ۾ ڪمزوريون نظر ايندينون. آمدني جي وصولي ۽ انصاف جي فراهمي، فوجين جي موجودگيءَ ۾ عمل ۾ ٿي اچي، ڏِنگا ۽ اَڻنگا بربَر ملڪ جي وچ ۾ وٺل آهن، موروثي عملدار صوبن جي حڪومتن ۾ ڦُرلٽ جو راڄ لڳايون وينا آهن، ۽ رعيت جيڪا آزاديءَ لائق تہ ڪانهي پر بغاوت ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار آهي. پر رومي دنيا جي فرمانبرداري هڪ جهڙي، پاڻمرادي ۽ مستقل بنيادن تي هئي. فتح ٿيل قومون سڀ ويڃا وساري هڪ وڏي قوم ٻڌجي ويون. اُنهن ٻيهر آزاد ٿيڻ جي اميد تہ ڇا پر اهڙي خواهش کي بہ ڇڏي ڏنو. ۽ پنهنجي وجود کي هنن جدا وجود نہ پر عظيم روم جو حصو تصور ڪيو. شهنشاهن جو ڏاڪو ۽ ميجيل اختيار سندن سيني سرحدن تي ڇميل ۽ مضبوط هو جنهن لاءِ ڪنهن قسر جي ڪوشش ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانہ هئي، اهو اختيار ٽيمس، يا نيل يا ٽائيبر جي ڪنارن تي ساڳي آساني ۽ سکون سان قائم هو. فوجن تي سونپيل ڪمَ، حڪومت جي دشمنن خلاف وڙهڻو هو، ۽ شهري مئجسٽريٽ کي شايد ئي ڪڏهن ڪنهن فوجي مدد[63] جي ضرورت پئي هجي. عام تحفظ جي اهڙين سڻين حالتن ۾، شهزادن يا عوام جي فرصت جو وقت توڙي سندن دولت، روم جي شهنشاهت جي سينگارڻ ۽ سنوارڻ لاءِ وقف ٿي وئي هئي.

رومين، اَڏاوت جي نادر نمونن جا جيڪي بيشمار يادگارَ تعمير ڪرايا، اُنهن مان اهڙا ڪيترا ئي آهن جيڪي تاريخ جي صفحن تي نہ اچي سگهيا ۽ اُهي چند ڪهڙا آهن جن وقت ۽ وحشي درندگي جي تباهہ ڪندڙ طوفانن جو

مضبوطيءَ سان مقابلو ڪيو! ان جي باوجود، تباهين جا شاندار نمونا، جيڪي اتلي ۽ ان جي صوبن جي اردگرد وِکريا پيا آهن، اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن ته اهي ملڪ ڪڏهن هڪ مُهذب ۽ طاقتور شهنشاهت جو مرڪز هيا. فقط اُنهن جي عظمت يا انهن جي سونهن، شايد اسانجو توجه ڇڪرائي، پر هن مڪيه سببن جي ڪري اُهي زياده دلچسپيءَ جو باعث بڻيا آهن. يعني فن ۽ تخليقي صلاحيتن جي تاريخ، انساني اخلاق ۽ عادتن جي وڌيڪ ڪارائتي تاريخ سان وڄي ملي ٿي. انهن مان ڪيترائي ڪر خانگي خرچ تي مڪمل ٿيا پر سڀني جو مقصد هڪڙوئي هو ته جيئن عام ماڻهن لاءِ پلائي ۽ بهتري ٿئي.

اهو اندازو لڳائڻ فطري ڳ معلوم ٿئي ته گهٽي ۾ گهٽيون ۽ رومي دؤر جون شاندار ۽ يادگار عمارتون اُنهن شهنشاهن جوڙايون جن کي ماڻهن ۽ دولت جو بي انداز اختيار هو. آگسٽس کي اهو حق ٿي پهتو ته هو ان ڳالهه تي فخر ڪري ته هن پنهنجي گاديءَ جو هنڌ سِرُن جو ڏهرايو هو ۽ وري جڏهن ڇڏيو هئائين ته ان ۾ قيمتي پٿر[64] (ماربل) لڳل هو. ويسپاسيان جي سخت اقتصادي پاليسي، سندس وڏائيءَ جو وڏو ذريعو هئي. ٽراجن جا ڪَرَ سندس ذهانت جي شاهدي ڏين ٿا. عوامي يادگارَ، جن سان هئڊرئن، سڄي شهنشاهت جي صوبن کي سينگاري ڇڏيو هو فقط سندس حڪمن سان نه ٺهيا هيا پر سندس ويجهي نظر داريءَ هيٺ جوڙايا ويا هيا. هُو خود به فن جو وڏو ڄاڻو هو ۽ ان سان پيار ڪندو هو ڇو ته فن ۾ دلچسپيءَ ذريعي ئي سندس شان شوڪت ۾ واڌارو آيو هو. فن ۽ آرٽ کي ائنٽونئنز به ڪافي همٿايو هو ڇو ته ان ذريعي ماڻهن جي خوشين ۾ اضافو ٿيو هو. پر جيڪڏهن شهنشاهن شروعات ڪئي هئي ته اُهي پنهنجي حڪومت جا اڪيلا ناهيندڙ نه هيا. سندن مثال آفاقي طور تي بين به اختيار ڪيو ۽ خاص طرح سندن رعيت جي خاص ماڻهن ان جي تقليد ڪئي. اهي ان ڳالهه کي ظاهر ڪرڻ کان هرگز نٿي ڏِنا ته اُنهن ۾ سوچڻ سمجهڻ جو جذبو هو ۽ وٽن دولت هئي جنهن ذريعي هو مايه ناز ۽ فخر لائق ڪمن کي هٿ ۾ کڻي ۽ اُنهن کي تڪميل تائين پهچائي پئي سگهيا. ايا ڪوليزيَم جي عاليشان آڏاوَت روم کي اَربي بـ نـ وئي هئي، ته ان کان اڳ ۾ ڪئپٽا ۽ ويرونا[65] جي شهرن ۾، اُنهن ئي شهرن جي خرچ تي ساڳي ڊزائن ۽ ساڳئي سامان مان ٺهيل ننڍيون ماڙيون جُڙي، راس تي پنهنجي شان سان اُپيون تي بيٺيون هيون. الڪنٽرا جي عظيم الشان پُل جو نقش، ان ڳالهه جي شاهدي ڏئي ٿو ته اِهو لوسيٽئنيا جي ڪجهه ماڻهن ۽ گروهن طرفان ٽئگَس مٿان اڇلايو ويو هو. جڏهن پلني کي بٽنيا ۽ پونٽس جي حڪومت جون واڳون مليون ته صوبا نه ته ايترا شاهوڪار ۽ نه وري شهنشاهت ۾ اُهي ايترا اهم هيا، پر هن ڏنو ته سندس حڪومت ۾ شهرن هڪ ٻئي سان هر با مقصد ڪم ۽ عام ماڻهن جي فائدي جي ڳالهين طرف توجه ٿي ڏنو جيڪي باهرين ماڻهن لاءِ عجب ۽ تجسّس جو باعث بڻجن ۽ پنهنجي شهرين لاءِ احسانمنديءَ جو سبب ٿين. اها مئجسٽريٽ جي ڊيوٽي هوندي هئي ته جتي جتي اوڻايون يا ڪمزوريون نظر اچن ته اُنهن جو پورائو ڪري، اُنهن جي پسند جي رهنمائي ڪري ۽ جتي جتي ڇَنّا پيٽي جا مقابلا ٿين ته اُنهن کي جوش مان ڪڍي معتدل منظر[66] تي آڻي. روم ۽ اُن جي صوبن جي شاهوڪار سينيٽرن ان ۾ پنهنجي عزت بلڪ ڊيوٽي ٿي سمجهي ته پنهنجي دؤر ۽ ملڪ جي شان ۽ شوڪت کي اڳا به اوڇو ۽ مٿاهون ڪن ۽ فيشن جي اثر اڪثر ڪري خوبصورتي ۽ سخا ۾ جيڪا گهٽتائي آندي هئي، انجو گهٽو ڪري پورائو ٿيندو رهيو.

ذاتي مُحسنن جي وڏي ميڙ منجهان اسان هيرادس ائينيڪس کي چونديون ٿا جيڪو ايٿنس جو شهري هو ۽ ائنٽونئنز جي دؤر ۾ رهندو هو. سندس هلت چلت جو جيڪو به مقصد هجي پر هنجي شان شوڪت کيس وڏن شهنشاهن جي صف ۾ آڻي بيهاريو هو.

هيرادِ جو خاندان، سندس مقدر جي ستاري جي چمڪڻ کانپوءِ، موروثي ۽ شجري جي حساب سان سائمن ۽ ملنيئيڊس، ٽيسيَس، سيڪراپس، اِيڪَس ۽ جوپيٽر مان هو. پر ايڏن وڏن ديوتائن ۽ سُورمن جا وارث تمام هيٺياهين ۽ نيڇ درجي تي وڃي پهتا هٿا. سندس ڏاڏي کي انصاف هٿان تڪليف پهتي، ۽ سندس پيءُ جولين اَئنيڪس پنهنجي حياتي، سُجائيءَ ۽ نفرت وِچان پاڻ ئي ختم ڪري ڇڏي ها جيڪڏهن کيس هڪ پُوريل خزانو نه ملي وڃي ها جيڪو سندن پراڻي گهر هيٺان لڪل هو ۽ اهو ئي خزانو سندس پيءُ طرفان بچايل ورثي جي طور کيس مليو. قانون جي سختيءَ موجب، شهنشاهه سندس دعويٰ لاءِ ڪي ثبوت به طلب ڪري پئي سگهيو. پر ڊُوراندِش اَئنيڪس، اڳوات ئي اطلاع ڏيندڙ جي اجائي ڳالهه ڪي، پنهنجي بيان ذريعي ناڪام بنائي ڇڏيو. پر انصاف پسند نروا جيڪو ان وقت تخت نشين هو، اطلاع ڏيندڙ جي ڪا به ڳالهه نه ٻڌي ۽ حڪر ڏنائين ته هُو اهو خزانو جيئن وَٽيس تيئن استعمال ڪري ڇو ته اهو قسمت طرفان کيس تحفي ۾ مليو هو. پر ايٿنس جي محتاط ماڻهوءَ زور ڏيندي چيو ته هڪ رعيت واري ماڻهوءَ لاءِ اهو تمام وڏو خزانو هو ۽ کيس ان جي استعمال ڪرڻ جي خبر يا سليقو به منجهس کو نه هو. "پوءِ ان کي ڦِٽي ڪر يا ناجائز طريقي سان به پلي استعمال ڪر." شهنشاهه سڀني مودِ ۾ پر ٽورو بيزاريءَ وچان کيس چيو. "جو ته اهو تنهنجي ملڪيت آهي." [67] ڪيترائي ماڻهو ان خيال جا آهن ته اَئنيڪس، شهنشاهه جو آخري حڪر پوريءَ طرح سان مڃيو، ۽ هن پنهنجي پاڻ واري دولت جو وڏو حصو خرچ ڪري ڇڏيو جيڪو سندس فائدي واري شاديءَ ۾ ايا به وڏي ويو. هيءَ شادي هن عوام جي خدمت لاءِ ڪئي. هن پنهنجي پٽ هيرادِ واسطي ايشيا جي آزاد ملڪن لاءِ هڪ خاص اجازت نامو ورتو هو ۽ نوجوان مئجسٽريٽ اهو ڏسندي ته ٽروس شهر کي پاڻي ان جي ضرورتن مطابق نٿي مليو ته هن هئدرئن جي سخا جو دروازو کڙکايو ۽ ٿي سؤ جهڙا بيشمار دِراچمس (هڪ لک پائونڊن جي برابر) کائنس حاصل کيا ته جيئن پاڻيءَ کي پهچائڻ لاءِ وڏي نالي ٺهرائي سگهي، پر جڏهن ڪر شروع ڪرڻ جو وقت آيو ته خبر پئي ته جيڪو ان سڄي ڪر تي خرچ ايندو اهو تخميني کان ٻيڻو هو. تنهنڪري روينيو جي آفيسرن شڪايتن جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو. جڏهن درياهه دل شخص ائنيڪس کي خبر پئي ته هن شڪايت ڪندڙن کي خاموش ڪيو ۽ اختياري وارن کي عرض ڪيو ته جيترو به تخميني کان وڌيڪ خرچ ايندو ته کيس اجازت ڏني وڃي ته ان واڌاري خرچ جو بارُ هو پاڻ برداشت ڪندو. [68]

يونان ۽ ايشيا جا قابل ترين استاد، وڏا وڏا انعام اڪرام ڏئي گهرايا ويا ته جيئن نوجوان هيرادِ جي پڑهائيءَ جو جوگو بندوبست ٿي سگهي، سندن شاگرد، ان وقت جي فضول ۽ جوشيلين تقريرن جي پٺماني جي حساب سان هڪ وڏي مرتبي وارو ۽ ماهر تقرير ڪندڙ ٿي ويو. جنهن پاڻ کي فقط اسڪولن تائين محدود ڪيو ۽ ڪڏهن به نه ڪنهن عوامي چوڪ تي بيهي تقرير ڪيائين ۽ نه وري سينيٽ ۾ ويو. اڳتي هلي کيس روم ۾ چيف مئجسٽريٽ ٿيڻ جو اعزاز پڻ مليو. پر سندس زندگيءَ جو گهڻو ڀ گهڻو عرصو ايٿنس جي فلسفياڻين گڏجاڻين يا وري سندس گهر ۾

گذرندو هو جتي مفکر، مدبر ۽ فيلسوف هميشہ موجود رهندا هئا جيکي سواءِ کنهن حسد يا ساڙ جي سندس فکر جي برتري کي اهو چئي مجيندا هئا تہ هُو سندن مخالف[69] تہ هو پر پنهنجي علم ۽ جيترو شاهوکار هو، اوترو ئي سخي ۽ هو. سندس ذهانت جا يادگار ختر ٿي چکا آهن پر کجهہ ٿورا آثار کٽي کٽي بچيل آهن جيکي سندس اوچي ذوق جي شهرت ۽ ان جي شان شوکت جي شاهدي ڏين ٿا: جديد سياحن، سندس استنڊبير جي آثار جي ماپ کئي آهي جيکو هن اٽينس ۾ تعمير کرايو هو. اهو ڊيگهہ ۾ ڇهہ سؤ فوٽ هو جيکو، سڄي جو سڄو سفيد ماربل جو ٺهيل هو ۽ ڇٽن سالن جي عرصي ۾ تعمير ٿيو هو، ۽ جنهن ۾ اٽينس جا سڀ ماڻهو هڪ ٿي وقت سمائجي ويندا هيا، ان وقت هيراڊ، اٽينس جي راندين ۽ جسماني ورزشن جو صدر هو. هن پنهنجي زال رڳيلا جي ياد ۾ هڪ ٿيٽر تعمير کرائي سندس نالي اَرپي ڇڏيو. هڪ اهڙي تعمير جنهن جو سڄي شهنشاهت ۾ ٻيو ڪو بہ ثاني ڪونہ هو. صنوبر ڪانسواءِ ٻيو ڪنهن بہ قسر جو ڪاٺ ان ۾ استعمال ٿيل نہ هو ۽ وري ان جي چِٽسالي ۽ نقش نگاريءَ جو ڪم پوريءَ عمارت تي ڪمال ڪايگريءَ سان ڪيل هو. هڪ ٻيو ٿيٽر جيکو ساز آواز ۽ موسيقيءَ جي محفلن مڃائڻ ۽ اوچتن ڏکن، غمن ۽ تڪليفن جي ريهرسل ڪرائڻ لاءِ ٺهرايو ويو هو، سو بربرن جي عظمت جي مقابلي ۾ سندس تخليقي صلاحيتن جي ڪُليل فتح جو ڇڻ هڪ وڏو انعام هو، ڇو تہ ان جي اَڏاوت ۾ جيکو ڪاٺ استعمال ٿيو هو سو گهٽو ڪري ايراني ٻيڙن جي وَنجهن ۽ بادبانن جو هو. جيتوٽيڪ ڪپاڊوشيا جي شهنشاهہ ان قديمي عمارت جي مرمت ڪرائي هئي، پر هيراڊ ان جي قديمي زيبائش ۽ شان شوکت کي موٽائي ساڳئي اوج تي کٽي آيو. روشن خيال شهرين جي آزادي رڳو اٽينس جي ڇوڊيواريءَ تائين محدود نہ هئي. اِسٽمس ۾ سمنڊ جي ديوتا تي بي بها ۽ شاندار زيورن جو جَڙاءُ، ڪورنٿ ۾ هڪ ٿيٽر، ڊيلفي ۾ هڪ استنڊبير، ٽرمو پائلي ۾ هڪ غسلخانو، اٽلي ۾ ڪينوسير جي جڳهہ تي هڪ پاڻي پهچائڻ جي ڪَسِي يا نالي وغيرہ، مطلب تہ مٿي بيان ڪيل هيڏا سارا ڪرَ ۽ ڪارنامہ بہ سندس خزاني کي خالي ڪرڻ لاءِ آڇيورا هئا. ايپيرس، ٿيسلي، يوبيا بيوشيا، ۽ پيلوپونيسَس جا ماڻهو سندس سخا ۽ مهربانين مان پنهنجي وَنڊَ ونندا رهندا هئا ۽ يونان ۽ ايشيا جي شهرن ۾ ڪيترائي نقشَ هن طرح لکيا ويا: "هيراڊس اَٽيٽڪَس، اسانجا سرپرست ۽ محسن" [70] اٽينس ۽ روم جي گڏيل رياستي سهائتا ۾، خانگي گهرن جي سادگي ۽ سُونهَن شهرين جي آزادي جي نمائندگي ڪندي هئي، ۽ وري ماڻهن جي خودمختياريءَ جي جهلڪَ اُتان جي شاندار عمارتن مان پئي جرڪندي هئي جيکي ماڻهن جي استعمال لاءِ ناهيون ويون هيون، [71] ۽ دولت يا شهنشاهيءَ جي ڪري، آزاديءَ يا جمهوري رُوحَ واري مشعل اڄا مڪمل طور تي وِساڻي نہ هئي. اِهي قومي وقار ۽ عوام جي پلائيءَ وارا ڪرَ هئا جن ذريعي اُتر اخلاق وارا شهنشاهہ بہ پنهنجي شان شوکت جي نمائش ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيا. نيرو جو سونو محل، ماڻهن کي چڙ ڏيارڻ جو باعث بڻيو، پر هڪ وڏي ۽ وسيع ميدان، جنهن کي سندس عياشين لاءِ وقف ڪيو ويو هو، کي ڪولينزير جي لڳاتار حڪومتن ۾ بهتر مقصدن ۽ پلائيءَ جي ڪمن لاءِ استعمال ڪيو ويو. ٽائيٽس جا غسلخانا، ڪلاڊيس جا برساتي ڇپرا، ۽ مندرَ، " صُلح سانت جي ديوي" ۽ "روم جي ذهانت" کي اربيا ويا هيا.[72] اڏاوت جي فنَ جا هي يادگار، جيکي روم جي ملڪيت هيا، يونان جي تصويرن، نقاشي ۽ سنگ تراشي جي خوبصورت

تخليقي فن پارن سان سينگاريا ويا هيا. ۽ صُلح سانت واري مندر ۾ هڪ ڇاڪ ڏيندڙ لائبريري، علم ۽ ڇاڪ جي پارکُن لاءِ کولي وئي هئي. اتان کان ٽورڙي ٽي پنڌ تي هڪ عوامي چوڪ هو جنهن کي ٽراجن تعمير کرايو هو. ان جي هر طرف کان اوچا برساتي ڇپرا چوڙس شڪل ۾ ٺهيل هئا جن ۾ وري چار سوپَ وارا گول محراب جوڙايا ويا هئا جيڪي وڏن ۽ ڪشادن داخل ٿيڻ وارن وڏن دروازن ڏانهن ٽي کُليا. وچ ۾ ماربل جو ٺهيل هڪ وڏو ٽنيو هو جنهن جي هڪ سوڙ ڏهن فوٽن جي اوچائي اُن ٽڪريءَ جي برابري ڪرڻ لاءِ جوڙائي وئي هئي جيڪا ڪنڊجي جدا ٿي وئي هئي. هي ٽنيو جيڪو اڄا تائين آثارن جي شڪل ۾ بہ پنهنجي قديمي خوبصورتيءَ کي قائم رکيون اچي. اُهو ڊاسين دوُر جي فتحن ۽ ان جي بانيڪار جو هڪ يادگار ڇئي سگهجي ٿو. ان بهادر شخص ۽ صلح پسند شهري پنهنجن ٽي کارنامن جي کهاڻي ڇڻ پاڻ سوڇي ۽ پنهنجي قومي ڏيکاءَ ۽ برتريءَ جي حوالي سان، پنهنجي پاڻ کي فتح جي خوشين ۽ وقار ۾ شريڪ ڪري ڇڏيو. گاديءَ جي هنڌ جي هر ڪُنڊ ڪڇ ۽ شهنشاهت جا سيئي صوبا ساڳي درياهَ ڊِلي واري جذبي سان سينگاريا ۽ سنواريا ويا هيا ۽ هر طرف شهنشاهت جو شان شوڪت نروار ۽ نمايان هو. هر طرف ڪليل ناڪ گهر ۽ نمائش گاهون، ٿيٽر، مندر، برساتي ڇپرا، فتح جا محرابَ، غسلخانا ۽ پاڻي جمع ڪرڻ جا پائيپَ يا نالیون وغيره سڀ ڪجهه عام بلڪ هيٺين طبقي جي ماڻهن جي صحت، اُنهن جي جذبن، قربانين ۽ خوشين جي صدقي تعمير کرايا ويا هيا ته جيئن عام ماڻهو سدائين سکيا ستابا ۽ آسائش ۾ رهن. جن جڳهن جو آخر ۾ ذکر ٿيو آهي، اُهي اسان جو خاص توجهه ڇکرائن ٿيون. ڏکئي ڪرَ کي جرئت ۽ همت سان هٽ ۾ ڪٽڻ، ان کي تڪميل تائين پهچائڻ ۾ مضبوط رهڻ ۽ اُنهن کي خوش اسلوبيءَ سان استعمال ڪرڻ، اهو عظيم منصوبو هو پاڻيءَ جي سرشتي کي هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه تائين پهچائڻ جو جنهن کي روم جي عظيم ۽ عزت پرين يادگارن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو ۽ ان کي سندن خدا داد ذهانت ۽ پلاڻيءَ واري طاقت رکڻ لاءِ ساراهيو پڻ وڃي ٿو. گاديءَ جي هنڌ وارا پاڻي ڇڪڻ جا سرشتا تمام ڪمال جا ٺهيل آهن پر هڪ جستجو ڪندڙ سياح، جيڪو تاريخ جي مطالعي کانسواءِ، ساڳين سرشتن کي اسپوليٽو، ميٽز يا سيگو ويا ۾ ٿو ڏسي ته ان نتيجي تي ٿو پهچي ته اهي صوبائي شهر اڳئين وقت ۾ يقيني طور تي طاقتور شهنشاهن جا رهائش گاهه رهيا هوندا. ايشيا ۽ آفريڪا جي اڪيلائي، شهرن جي آبادي ذريعي ٿي دُور ٿي هئي، جتي ماڻهن جي گهٽي آبادي ۽ خود اُنهن جي وجودَ جو دارو مدار تازي پاڻيءَ جي دائمي مهيا ڪرڻ جي مصنوعي طريقن تي هو.[73]

اسان روم جي شهنشاهت جي ماڻهن جي ڳٽ جو حساب ڪيو آهي ۽ سندن عوامي بهبود جي ڪمن تي نظر ڊوڙائي آهي. ماڻهن جي تعداد ۽ شهرن جي وڏائيءَ جو تجزيو. پهرئين جي تصديق ڪندو ۽ پوئين جي انگَ کي وڌائي ڇڏيندو. ڪجهه ٽڙيل پکڙيل مثال، جيڪي موضوعَ سان مطابقت رکن ٿا، گڏ ڪري هتي پيش ڪرڻ شايد ناڪوار نه لڳندو. جيڪڏهن اهو نه وسارجي ته قومن جي اجائي آکڙ ۽ هوليءَ جي سڃائيءَ جي ڪري روم توڙي لاينشَر تي شهرَ جو فضول ۽ اجايو خطاب ڪجهه بيپرواهي ۽ لاغرضائيءَ مان کين ڏنو ويو هو.

1. اهو چيو ٿو وڃي ته قديمي اٽلي منجهه يارهن سؤ ستانوي شهر سمايل هئا ۽ اها ڳالهه تسليم نه ڪرڻ جو ڪو بہ سبب معلوم نٿو ٿئي ته رومولس جي پيٽ ۾ آئنٽوننز جي دوُر ۾ ملڪ جي آبادي گهٽ هئي. پوءِ پلي ان قديمي

وقت جو تعين ڪيترو ٻه آڪاڻي دؤر سان ڇو نه ڪجي.[74] لئٽير جون نديون نديون رياستون، شهنشاهت جي وسيع ۽ وڏي شهر ۽ سمايل هيون ۽ اُن جي ئي شهرت ۽ مقناطيسي ڪشش سبب ڇڪجي ساڻس مليون هيون. اتلي جا اُهي حصا جيڪي پادرين ۽ شهنشاهه جي نائبن جي ظلمن جي گهاٽي ۾ پيڙيا رهيا، اُنهن کي جنگ جي هي مصيبت مان ٻه گذرڻو پيو پر اِها ڪجهه برداشت ڪرڻ جهڙي هئي، ۽ اُنهن جي زوالَ جا پهريان آثار جن منجهان اُهي گذريا، اوچتوئي اوچتو بهتريءَ طرف وڌيا جڏهن سِسالپائن گال جي حالت ۾ تڪڙا ۽ تيزيءَ سان سُڌارا آيا. ويرونا جو شان مان ان جي آثارن مان معلوم ڪري سگهجي ٿو: ان هوندي ٻه ويرونا جو رعب ۽ دٻدٻو عقيليا يا پادئا، مِلن يا رَوينا جي مقابلي ۾ گهٽ هو.

II . حالتن جي بهتري ۽ سُڌارن جو ڪر ائلپس جي جبلن کان گذرندو برطانيه جي جهنگلن تائين پهتو. جن کي آهستي پر وقت تي صاف ڪري، ماٺهن کي شاندار طريقي سان وَسائڻ ۽ آباد ڪرڻ لاءِ هڪ آزاد ماحول ۽ بيحد ڪشادي جڳهه ناهي هموار ڪئي وئي. يارڪ حڪومت جي گاديءَ جو هنڌ هو، لنڊن پنهنجي واپار وهنوار ذريعي اڳيئي شاهوڪار هيو، ۽ بات جي شهرتَ، سندس پاڻيءَ جي ڪري هئي جيڪو طبي يا ڊاڪٽري لحاظ سان صحت قائم رکڻ لاءِ نهايت ئي موزون ۽ مفيد هو. گال وري پنهنجن هارهن سؤ شهرن[75] جي ڪري پاڻَ پڏائڻ جهڙو هو. ۽ توڙي جو اُترين علائقن ۾، پٽرس جي نمايان حيثيت جي باوجود، ڪجهه نامڪمل ۽ اڻتي وڌندڙ ماٺهن جي نندين آبادين کان سندن حيثيت ٿورڙي ئي وڌيڪ هئي، باقي ڏاکڻين صوبن، اتلي[76] جي دولت ۽ شان شوڪت جي پيروي ۽ ان سان برابري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪيترائي شهر هيا، جيئن گال، مرسيليز، آرلس، نِسِمس ناربون، ٽولوز بوردِيڪيس، آٽن ويئن، ليونز، لئنگريس ۽ ٽريوز جن جي قديمي حالتَ، پيٽ ڪرڻ تي سندن هاٽوڪي حُليي کان هڪ جهڙي نَه، پر ڪافي بهتر هوندي. جيتري قدر اسپين جو تعلق آهي تہ ان ملڪ، صوبي هئڻ جي حيثيت ۾ تہ ترقي ڪئي پر شهنشاهي ملڻ کان پوءِ ان جو زوال اچي ويو. پنهنجي طاقت جي ناجائز فائدي وٺڻ تي هڪ تہ ڪيس آمريڪا تنگ ڪيو هيو وهمن وسوسن کين ٽڪائي ڇڏيو، سندس غرور ڏاڍو ڪجهارت جهڙو ۽ منجهائيندڙ هوندو. جيڪڏهن اسان وٽ ٽي سؤ سٺ شهرن جي اُها لسٽ هجي ها جيڪا ويسپاسيان جي حڪومت جي دؤر ۾ پلني کولي ظاهر ڪئي هئي.[77]

III . آفريڪا جي ٽن سوَن شهرن هڪ پيري ڪارٿيج[78] جي اعليٰ اختيار کي مڃيو هو، ۽ ان ڪالهه جو امڪان تمام گهٽ آهي تہ اهو عدد شهنشاهن جي انتظام هيٺ گهٽيو هوندو: ڪارٿيج خود خاڪ ۽ مٽيءَ جهڙي هيناهينءَ کان پرواز ڪري نئين مان شان کي ماڻيو هو، ۽ گاديءَ جي هنڌ توڙي ڪٽيئا يا ڪورنٽ، جلد ئي اُهي سڀ فائدا حاصل ڪري ورتا جيڪي آزاد خود مختياريءَ کان جدا وٺي سگهجن ٿا.

Iv . اويرَ وارا صوبا، رومي شان شوڪت ۽ تُرڪي جي وحشي پٽي جي وچ ۾ هڪ تضاد پيش ڪن ٿا. قديمي تمدن جي تباهي، جيڪا غيرآباد زمينن تي پکڙي پئي آهي ۽ جنهن کي جهالت جي طفيل هڪ جادوُ جي طاقت جو ڪارنامو سمجهيو وُجي ٿو، نہ تہ ڏکويل انسانن ۽ نہ وري رولُو عربن کي ڪو آجهو يا سهارو ڏئي سگهي ٿي. سيزرن جي حڪومت ۾، فقط اصلوڪي ايشيا ۾ پنج سؤ وڏي آبادي وارا شهر[79] موجود هئا، جن کي قدرتي انعامن

سان مالا مال ۽ فن جي نازڪ ۽ سهڻن نمونن ذريعي انکي خوبصورت بنايو ويو هو. هڪ دفعي ايشيا جي يارهن شهرن، هڪ مندر کي تائبيريس کي ارپڻ خلاف اعتراض اڻاريا هئا ۽ اُنهن اختلافن جي سڃ ۽ کوڙ جو فيصلو نيٽ سينيٽ[80] ۾ ڪيو ويو هو. اُنهن ۾ چئن کي ته هڪدم رد ڪيو ويو چو ته اُنهن کي بار ڪٽڻ لائق نه سمجهيو ويو ۽ هنن ۾ هڪ لوڏيسيا به هيو جنهن جي ان وقت جي رونق کي اڄا به ان جي[81] آثارن مان ڏسي سگهجي ٿو. لوڏيسيا پنهنجي رڍن جي وڏي ڏاڍ مان خوب پئسا ڪمايا جيڪي پنهنجي اُنَ (wool) جي بهترين معيار جي ڪري ڏاڍيون مشهور هيون ۽ مقابلي کان ٻورو اڳ ڪيس چار لکَ پائونڊن جي ناٿي جو دستاويز هڪ درياهه دل شهريءَ[82] کان ملي چڪو هو. جيڪڏهن لوڏيسيا جي غربت اهڙي هئي ته پوءِ انهن شهرن جي دولت کي کهڙو نالو ڏبو جن جي دعويٰ ترجيح ڏيڻ واري هئي، ۽ خاص طرح تي پرگئمس جي، اِسمرنا جي ۽ اِفيسَس جي، جن جو هڪ ٻئي سان ان ٻالهه تي اختلاف هو ته اُنهن ننهي منجهان ايشيا جي لقب واري مٿيرائپ جو وڏيڪ حقدار ڪير هو؟[83] شام ۽ مصر جي گاديءَ وارا هنڌ، شهنشاهت ۾ برتري جا اڄا به وڏيڪ دعويدار هيا: انٽئڪ ۽ اليگزئندريا اُنهن شهرن کي نفرت جي نظرن سان ڏسندا هيا جيڪي بين تي پاڻيندڙ هيا[84] ۽ ان حد تائين جو روم جي اختيار ۽ بالادستي کي به مجبوريءَ ۽ بي دليءَ سان مڃيندا هئا.

مٿي بيان ڪيل سڀ شهر وڏين عوامي شاهراهن ذريعي، هڪ ٻئي سان توڙي گاديءَ واري هنڌ سان ڳنڊيل هئا. جيڪي روم جي عوامي چوڻڪ کان نڪري، اٽلي کان گذري، صوبن ۾ پکڙي ٿي ويا ۽ شهنشاهت جي سرحدن تائين پهچي ختر ٿي ٽيا. جيڪڏهن اسان چگي طرح سان مفاصلي کي ائٽونينَس جي ديوار کان روم تائين ۽ وري اُتان کان جيروسلر تائين ماپيون ته اهو چگيءَ طرح ڏسڻ ۾ ايندو ته اُتر- اولهه کان شهنشاهت جي ڏکڻ - اوپر جي دنگ تائين، آمدرفت جو هڪ تمام وڏو سلسلو جوڙي عمل ۾ آندو ويو هو جنهن جي ڊيگهه چار هزار ۽ اسي رومي ميل هئي.[85] ماٿهن لاءِ رستا ميلن جي نشانن (Mile Stones) ذريعي ٺيڪ ٺيڪ نموني سان ورهايا ويا هئا، ۽ هڪ شهر کان ٻي شهر تائين بغير وَرن وَکڙن جي بلڪل سڌا ٿهيل هئا جنهن ۾ ڪنهن به قدرتي يا ذاتي ملڪيت واري زَندڪَ ۽ رُڪاوٽ جي رَتيءَ ماتر به پرواهه نه ڪندي رستن جي سِڌائيءَ جو تمام گهڻو خيال رکيل هو. جبلن کي سوراخ ڪيي چيريو ويو هو ۽ ويڪرين ۽ تمام تيز وهڪرن وارين ندين مٿان وڏا وڏا گول محراب ٺاهيا ويا هيا ته ماٿهو خطرن کان محفوظ رهن.[86] روڊ جي وچين حصي کي ٻورو مٿي کري ننڍو چبوترو ٺاهيو ويو هو جنهن ذريعي پرواري ملڪ سان رابطو ٽيڻ ممڪن هو. وچ واري چبوتري ٺاهڻ ۾ واري، ٻجري ۽ سيمٽ ملبل هو جنهن ۾ وڏا پٿر پڻ ملبل هئا يا گاديءَ جي هنڌ جي ويجهو ڪجهه جڳهن تي قيمتي پٿر گرنائيٽ[87] پڻ استعمال ڪيو ويو هو. روم جي شاهراهن جي تعمير اهڙي ۽ ايتري ته مضبوط هئي جو هيڏين سارين پندرهن صدين جي ڪوشش به اُنهن کي اُکوڙڻ يا ڊاهڻ ۾ پوريءَ طرح ڪامياب نه ٿي آهي، اهڙين شاهراهن پرانهن پنڌن جي صوبن جي عوام کي آسان ۽ دوستيءَ وارن لڳ لاڳاپن ذريعي هڪ ٻئي سان جَڙي ۽ جڪڙي ڇڏيو هو. ۽ اُنهن جو خاص مقصد فوجين جي اڄ وڃ جي رستن کي آسان بنائڻو هو، چو ته کو به ملڪ تيستائين پوريءَ طرح فرمانبردار تصور نٿي ڪيو ويو جيستائين اُهو فاتح جي هٿيارن کڻڻ ۽ اهڙن اختيارن استعمال ڪرڻ کان اڳ واري صورتحال تي اچي وڃي. ڪنهن اهر ۽ مخفي اطلاعَ جي اڳواڻ يا جهٽ پٽ

ملڻ جي فائدي ۽ وري اوتري ئي تيزي سان ان کي پهچائڻ، شهنشاهن کي اهڙن عهدن لاءِ پنهنجي وڏي ۽ وسيع حڪومت ۾ باقاعدگيءَ سان جاين پرڻ تي آماده ڪيو.[88] هر پنجن يا ڇهن ميلن جي پنڌ ڪان پوءِ گهر ناهيا ويا هيا ۽ هر گهر ۾ چاليهن گهوڙن جي هٿ کي يقيني بنايو ويو هو ۽ اهڙين ٽپال ڇوڪرين جي مدد سان، روم جي رستن[89] تي روزانو سوَ ميل طئي ڪرڻ آسان ٿي پيو هو. انهن ڇوڪرين جو استعمال اُهي ڪري سگهندا هيا جن کي شهنشاهه طرفان اهڙي اجازت مليل هوندي هئي، توڙي جو مُنديَ ۾ ان جو مقصد عام ماڻهن جي استعمال لاءِ هو. پر ڪن وقتن تي ضرورت پٽاندر واپار يا شهرين کي آساني پهچائڻ لاءِ به استعمال ڪيو ويندو هو.[90] روم جي شهنشاهت ۾ آمدرفت جو نظام، سمنڊ ذريعي ٻه، زميني سرشتي جيترو ئي آسان، آزاد ۽ ڪليل هو. بحيره روم ڇڻ شهنشاهت جي صوبن ۾ هر طرف کان گهيريل هو، ۽ اتلي، هڪ جسماني اُپارَ جيان، اڳتي وڌي ۽ ان وڏي ڍنڍَ کي وچ تي وڃي پاڪر پاتو هو. اتلي جا سامونڊي ڪنارا، گهٽو ڪري محفوظ بندرن کان آجا آهن، پر انساني ذهن ڪٽي ڪٽي فطري اوٽاين ۽ ڪوتاهين جو به پورائو ڪري ورتو آهي ۽ خاص طرح تائيبر جي مُهڙ وٽ قائم، اوسٽيا جو هٽراڏو بندر جنهن کي شهنشاهه ڪلاڊيس تعمير ڪرايو هو، روم جي عظمت جو هڪ عظيم ۽ بيحد ڪارائتو يادگار هو.[91] هن بندر کان، جيڪو گاديءَ جي هنڌ کان رڳو سورهن ميلن تي هو، هڪ موافق ۽ وٺندڙ هيرَ، جهازن کي گهٽو ڪري فقط ستن ڏينهن اندر هرڪيولس جي ٽنهن تائين ۽ نوَن يا ڏهن ڏينهن دوَران، مصر ۽[92] اليگزئنڊريا تائين پهچائي ڇڏيندي هئي. تمام وڏي شهنشاهت تي اجاين سجاين الزامن ۽ تهمتن جي باوجود، اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته روم جي طاقت، انسانذات جي پلائي ۽ بهتريءَ لاءِ استعمال ڪئي وئي هئي ۽ اظهار جي آزادي، جيتري عيبن يا اوٽاين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي ميسر هئي، اوتري ئي سماجي زندگي جي سڌاري ۽ پلائيءَ جي ڪمن جي پکيڙ لاءِ پڻ ڪين ڏني وئي هئي، قديمي دوَر جي به اوائلي وقتن ۾، دنيا ناهموار طريقي سان ورهايل هئي. مشرق، تخليقي صلاحيتن، تفريحن ۽ عياشين جو دائمي حق پاڻ وٽ محفوظ ڪري ڇڏيو هو. جڏهن ته مغرب جا رهواسي ڇڻ جهنگلي ۽ وحشي هيا جيڪي پوڪ ۽ ڪيتيءَ کان يا ته نفرت ڪندا هيا يا وري ان کان مُورٿون واقف ئي ڪين هئا. هڪ پکي پختي حڪومت جي حفاظت هيٺ، سازگار ماحول پيدا ڪرڻ جي سلسلي ۽ مهذب قومن جي صنعت کي مغربي ملڪن ۾ آهستي آهستي متعارف ڪرايو ويو ۽ مقامي ماڻهن کي فائديمند واپار ۾ آزاديءَ سان حصي وٺڻ لاءِ همٿايو ويو هو ته جيئن ماڻهو اڳتي اچن ۽ تعداد ۾ گهٽا ٿين ته واپار وَرڙو به وڌيڪ بهتر ٿئي. اهو ذري گهٽ نا ممڪن ٿيندو ته اُنهن شين جو تعداد ڳڻي سگهجي، پوءِ اُهي شوين جانورن جي شڪل ۾ هيون يا پاڇين پُتين جي صورت ۾، جن کي ايشيا ۽ مصر کان لڳاتار يورپ ۾ گهرايو ويندو هو.[93] پر اِها ڳالهه هڪ تاريخي ڪم جي سلسلي ۾، هڪ مستند معيار کان نه ته هروپرو ڪِريل هوندي ۽ نه وري فائدن جي لحاظ سان گهٽ لڳندي، جيڪڏهن گهٽن منجهان ڪجهه مڪيه ڪمن جو هڪ سرسري جائزو ورتو وڃي.

1. لڳ ڀڳ سيني قسمن جا گُل، ٻُوٽيون ۽ ميوا جيڪي اسانجي يورپ جي باغيچن ۾ پيدا ٿين ٿا، سي هاهرئين ستَ ۽ نسل جا آهن جيڪي پنهنجن نالن ۾ ئي ڇڻ ته پکڙجي پوَن ٿا. صُوف اصل اتلي جو هو ۽ جڏهن رومين زردالو، آڙُو، ڏاڙهون، تُرنج، نارنگي وغيره جهڙن ميوَن جا لذيذ ذائقا چکيا ته اُنهن پنهنجي پاڻ کي خوش ڪرڻ خاطر

مٿين سپني ميون کي صوف جي پيڑهيءَ مان ظاهر ڪيو ۽ اُنهن سپني کي، ملڪي رنگ ۽ رنگيل نوان نالا ڏيئي هڪ ٻئي کان جدا ڪري ڇڏيو.

2. هومر جي وقت ۾ سِسلي جي ٻيٽ تي ۽ انجي پرپاسي جي ڪنڊَ ۾ وائين تمام گهٽو پيدا ٿيندو هو، پر انجي وڏڻ يا بهتري آڻڻ ۾ عقل يا ڏهانت جو ڪو ڪر نه هو ۽ نه وري ان مان ڪو اهڙو شراب ٺهي سگهيو جيڪو اتان جي جهنگلي رهواسين جي ذائقي مطابق هجي.[94] هزار سالن کان پوءِ اٽلي فخر وچان چئي سگهيو ته اُسي ڪن بهترين ۽ معياري شراب جي قسمن مان، ٽن حصن کان وڌيڪ سندس ڏرتيءَ مان پيدا ٿيندو هو.[95] اهڙي نعمت جي خبر گال جي صوبي ناربونيز تائين فورن پهچي وئي، پر سيوينس جي اُتر ۾ ايتري ته سخت سردي هئي جو اسٽرابو جي وقت ۾، اها ڳالهه قطعي ناممڪن ٿي لڳي ته انگورَ گال جي ايتري ڏڏ وارن علائقن ۾ پچي راس ٿي سگهندا.[96] هيءُ مُونجهارو، بهرحال ڪجهه وقت کان پوءِ حل ٿي ويو ۽ اها ڳالهه اعتبار ۾ اچڻ جوڳي آهي ته برگنڊي جي انگورن جا باغ اوترائي اڳوٽا آهن جيترو ائٽونيز[97] جو دوُر پراٽو آهي.

3. زيتون مغربي دنيا ۾ صلح ۽ اَمن کي قائم رکڻ جي علامت سمجهيو ويندو آهي. روم جي قائم ٿيڻ کان ٻه صديون پوءِ ٻه، اٽلي ۽ آفريڪا، ٻئي هن نهايت ئي فائديمند ٻوٽي لاءِ ڏاريا ملڪ هئا، پوءِ ان کي اِنهن ملڪن ۾ لڳائي تاتيو ويو ۽ آخر ڪار انکي اسپين ۽ گال جي خاص جڳهن تي لڳايو ويو. قديم ماڻهن جون حماقتون، ته ان ٻوٽي کي ڪجهه گرميءَ جي ضرورت هئي ۽ اهو فقط سمنڊ جي پر پاسي وارن علائقن ۾ ئي زندهه رهي ۽ وڌي سگهندو، نيٺ صنعت گري ۽ تجربي اڳيان خودبخود وائکيون ٿي ويون.[98]

4. سٽيءَ جي پوڪ کي مصر کان کٽي گال ۾ آندو ويو، جنهن سڄي ملڪ کي مالا مال ڪري ڇڏيو، پر اِنَ اُنهن ملڪن کي شايد غربت جي غورابَ ۾ ڏکيو هوندو جتي اهو فصل شروع ۾ پوکيو ويو هوندو.[99]

5. اٽلي توڙي ٻين صوبن جا هاري، مصنوعي گاهن جي استعمال ۽ خاص طرح لوُسرن (لوُسٽ-Lucerne) کان چڱيءَ طرح واقف ٿي ويا جنهن پنهنجو نالو ۽ اُصل ميدپا کان ورتو هو.[100] جانورن جي لاءِ سياري ۾ سٺي معيار واري ۽ تمام جهجهي کاڌي توڙي گاهه جي لڳاتار موجودگي، مال جي ڏَڻ توڙي وَڳَن کي ڪافي وڌائي ڇڏيو هو ۽ جنهن جي موٽ ۾ وري زمينن جي زرخيزيءَ ۾ پڻ وڏو اضافو ٿيو هو. هنن سڌارن ۾ اسان کاٽين ۽ مچي مارڻ جي صنعت طرف خاص توجهه ڏيندا سين جنهن ذريعي بيشمار مزدورن کي به روزگار مليو ۽ جنهن سرندَيءَ وارن جون خوشيون وڌايون ۽ غريبن جي گذُر سفر جو بندوبست ڪيو. ٽائبيريس جي حڪومت ۾ ڪوليوميلا پنهنجي شاندار مضمون ۾ اسپين جي ٻني ٻاري جي ترقي يافته ڏنڈي بابت اسان کي ٻڌائي ٿو ۽ هتي اها ڳالهه به غور طلب آهي ته ڏُکار جي جن حالتن، اکثر ڪري ننڍي عمر جي جمهوريه کي پريشان ڪري رکيو هو، شهنشاهت جي وسعتن ۾ اهڙي کابه پريشاني ته ڇا پر ڪنهن کي ڪا سُڌ به اهڙي ڪانه هئي، جيڪڏهن ڪنهن صوبي ۾ ڪنهن شئي جي اوچتي يا حادثاتي کوٽ محسوس ڪئي به وئي ته ان جو بنا دير پُورائو پاڙي واري ڪنهن وڌيڪ خوش قسمت ملڪ مان ٿي ويندو هو جتان اُهي گهربل شيون جهجهي مقدار ۾ پهچي ويندين هيون.

.زراعت، شين ٽاهڻ جو بنياد آهي، چو جو هنرن يا تخليقي شين جو مواد فطرت طرفان هٿ ايندو آهي. رومي شهنشاهت ۾، محنتي ۽ ذهين ماڻهن جو پورهيو، مختلف طريقن سان ٿي سهي پر لاڳيتو سرندي۽ وارن ماڻهن جي خدمتن لاءِ وقف هوندو هو. سندن چوڻِ هَندائڻ، سندن کاڌي جي ٽيبل، سندن گهر، ۽ انهن جو فرنيچر مطلب ته قسمت جي ڏاڍين وٽ ضرورت ۽ سهولت جون سڀئي نفاستون نوکر ٻڌجي حاضر ٿي ويندیون هيون، سونهن، نزاکت، شان شوکت ۽ اُهو سڀ کجهه جيکو سندن وَڏَ ماڻهپائيءَ واري غرور کي تسلي ڏئي ۽ انهن جي شهواني خواهشن کي خوش ڪري سگهي. اهڙين نفاستن کي، جن تي عياشيءَ جهڙو نفرت وارو نالو پٺجي ويو، هر دور جي اخلاق جي علمبردارن انهن تي سخت ۾ سخت تنقيد ڪئي آهي ۽ اهو شايد سڀ ڪُجهه نيڪين ۽ انسانذات جي خوشين ۾ اضافو ڪري پر شرط اهو آهي ته سڀ ماڻهو نيڪين طرف مائل ٿي وڃن ۽ ڪو به اهڙو نه هجي جنهن ۾ زندگيءَ جون اجايون ۽ سڪٽيون عادتون موجود هجن، پر موجوده سماج جي اَڻ برابري وارين حالتن ۾، ٽوڙي جو عياشي ٻُرين عادتن ۽ حماقتن منجهان شروع ٿئي ٿي، ان جي باوجود اهو ئي واحد ذريعو آهي جنهن سبب ملڪيت جي اڻ برابري واري ورهاست کي ٺيڪ ڪري سگهجي ٿو. هڪڙو محنتي ماڻهو جيکو مشينن تي ڪم ڪري ٿو ۽ پيا ذهين فنڪار، جن جو سڄي زمين جي گولي تي ڪوبه حق يا حصو ڪونهي، پر زمين جي مالڪن کان، کين کنهن ڪَر وڻڻ جي سلسلي ۾ پاڻمرادو کي پئسا ملن ٿا ۽ اُهي ماڻهو مليل پئسن کي وڌائڻ خاطر، مالڪن جي زمين جو سڌارو آڻين ٿا. اهڙيءَ طرح محنت ڪرڻ جي نتيجي ۾ کين واڌارا پئسا ملن ٿا جن ذريعي هو عياشيءَ کي خريد ڪري خوش ٿين ٿا. هن قسم جي عمل جا اثر لڳ ڀڳ هر سماج جي ماڻهن تي پوَن ٿا، پر اهو طريقو روم جي ماڻهن ۾ تيزيءَ ۽ طاقت سان هر طرف پکڙجي ويو. جيکڏهن مختلف شين جا ٺاهيندڙ ۽ عياشيءَ جو ڪاروبار ڪندڙ، اَڻ سڌيءَ طرح رعيت جي محنتي ماڻهن جي اُها دولت، جيکا فوجين ۽ ٻين اختياريءَ وارن کانئن ورتي هئي، کين واپس نه ڪن ها ته صوبن جا خزانا جلد خالي ٿي وڃن ها. جيستائين اهو ڦهلاءُ شهنشاهت جي حدن تائين رهيو ته ان سياسي سرگرمين ۾ تيزي ۽ نئين چر پر پيدا ڪئي، ۽ اُنجا نتيجا کڏهن کڏهن فائدي وارا ته هوندا آهن پر هاڃيڪار هرگز نه ٿيندا آهن.

پر عياشيءَ کي شهنشاهت جي حدن تائين محدود ڪرڻ ايترو آسان ڪم به نه آهي. قدير دنيا جي تمام پري پري واُرن ملڪن کي ڦري، تاراج ڪري، انهي منجهان روم جي ڏڍپي ۽ نازڪ مزاجيءَ کي قائم رکيو ويو هو. اسڪيٽيا جي ٻيلي مان قيمتي پشم ملڻ جو امڪان هو. ائمبر جي پيلي پٿر کي بالٽڪ سمنڊ جي ڪنارن کان دنيوب پاسي زمين تي آندو ويو هو ۽ بربر اُن جي قيمت ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا جيکا کين اهڙي بيڪار شيءَ[101] لاءِ ٻڌا ستا ۾ ملي. بابل جي قالينن ۽ مشرق جي ٻين شين جي ڏاڍي ضرورت هئي، پر باهرئين واپار جو تمام اهم ۽ بيحد غير مقبول ڪاروبار هندستان ۽ عربستان سان لاڳاپن ذريعي عمل ۾ آيو. اونهاري جي تمام وڏن ڏينهن (Summer Solstice) ۾ هڪ سؤ ويهن جهازن جو قافلو، ڳاڙهي سمنڊ تي مصر جي بندرگاهه ميوشورموس کان هر سال روانو ٿيندو هو. چؤماسي جي تيز هوائن جي مدد سان، اهي لڳ ڀڳ چاليهن ڏينهن ۾ سمنڊ مان اُڪري ويندا هئا. سندن سامونڊي مسافريءَ جي زبان ۾ هو پنهنجي مقصد واري منزل کي يا ته مالابار جو ڪنارو يا سيلون[102] جو ٻيٽ ڪوئينڊا هئا ۽ ايشيا جي ڏورانهن ڏيهَن جا واپاري اِنهن ٽي مارڪيٽن ۾

پنهنجي آمد جا خواهشمند هوندا هئا. مصر کان جهازن جي قافلي جي واپسي ڊسمبر يا جنوري ۾ مقرر ٿيل هئي ۽ جيئن ئي، اُنن جي پُڻن تي رکيل سندن گهٽو سامان، ڳاڙهي سمنڊ کان نيل تائين پهچي ويندو هو. ۽ ايا ۽ ان ندي کان هيٺ لهي اليگزئنڊريا تائين رَسندو هو ته شهنشاهت جي گاديءَ[103] جي هنڌ تائين اُهو بنا دير پهچي ويندو هو. مشرق جي کاروباري وهنوار جون شيون ڏاڍيون نايابَ ۽ هلکڙيون هيون. ريشم، جنهن جو هڪ پائونڊ، سونَ[104] جي هڪ پائونڊ جي قيمت کان هرگز گهٽ نه هو، تمام قيمتي پٿر جن مان هيري[105] کان پوءِ موتي ۽ گوهر پهرئين نمبر تي هيا، ۽ طرحين طرحين عطر عنبير پڻ هوندا هئا جن کي مذهبي عبادتن ۽ جنازي جي ڏوم ڏام وارن جلسن جلوسن ۾ استعمال ڪيو ويندو هو. اهڙن ساموندي سفرن جي محنت ۽ خوف خطرن کٽڻ جي عيوض کين تمام گهٽا مالي فائدا حاصل ٿيندا هيا، پر اهي پئسا يا اِنعام فَقط روم جي رعيت وارن کي ملندا هيا ۽ ڪجهه ماٺهو اهڙا هئا جيڪي حڪومت جي خرچن تي شاهوڪار ٿي ويا، جيئن هندستان ۽ عربستان جا رهواسي پنهنجين شين ۽ اُنهن کي ٺاهڻ ۽ تيار ڪرڻ جي عمل تي خوش هئا، ته هوڏانهن وري چاندي، روم جي واپار کي وڏائڻ جو تمام اهم ۽ مکيه اِسر هو. ان موقعي تي هڪ شڪايت درج ڪرائي وئي جنهن جي اهميت اِها هئي جو ان کي سينيٽ جي ٻڌڻ لائق سمجهيو ويو ته عورتن جي زيورن جي خريداريءَ ۾ رياستن جي دولت اهڙن ٻاهرين ۽ دشمن ملڪن[106] جي حوالي ڪئي وئي هئي جتان اُها واپس به نٿي ٿي سگهي. هڪ تجسُّس ڪندڙ، پر ٻين جون وڏوُن ڪيندڙ طبيعت واري ليکڪ سالياني نقصان جو اندازو آڻ لک پائونڊن کان به مٿي لڳايو.[107] اندروني طرح ناخوشي ۽ بيزاريءَ جو اهو ماحول هو جنهن ذريعي ملڪ مفلسيءَ جي کارن بادلن ۾ گهري چڪو هو، ان جي باوجود جيڪڏهن اسان سونَ ۽ چانديءَ جي حصي جي پيٽ ڪريون، جيئن اُهو پلني جي وقت ۾ هو ۽ جيئن ان حصي رسيءَ کي کانسٽئنٽائن جي حڪومت ۾ مقرر ڪيو ويو هو ته اسان کي ان وقت اندر اُنهن جي قيمتن ۾ وڏي واڌ نظر ايندي.[108] هتي اهو هرگز نه سمجهڻ گهرجي ته سون صفا آڻ لَٿ ٿي ويو هو، پر اها ڳالهه خود ان حقيقت جي شاهدي ڏئي ٿي ته چاندي وڌيڪ عام ٿي وئي هئي، ۽ هندستان يا عربستان طرفان ڏيساوَر ڏي مال موڪلڻ تي جيترو به پئسو خرچ ٿيو ٿي، روم کي ان جي کابه پرواهه کانه هئي ۽ سندن خزانا کٽڻ جا کين هئا، جو ته فقط کاٽين منجهان ئي جيڪا جهجهي دولت آئي ٿي، اُن واپار جي ضرورتن جو پُورائو پوريءَ طرح ٿي ڪيو.

جيتوڻيڪ اها انساني فطرت آهي ته هو ماضيءَ کي مٺاهون ڏيکاري ۽ حال کي هيٺ ڪيرائي ڇڏي پر شهنشاهت جي پُرسڪون ۽ خوشحالي واري حالت کي هر ماٺهوءَ گرم جوشيءَ سان محسوس ٿي ڪيو ۽ ان حقيقت کي صوبن جي ماٺهن توڙي رومين ايمانداريءَ سان تسليم ٿي ڪيو، ته سماجي زندگيءَ جا سڀا اصول: قانون، زراعت ۽ سائنس جيڪي شروع ۾ ته ايٿنس جي ڏاهپ ذريعي ايجاد ٿيا هيا ۽ هاڻي روم جي قوت ذريعي اُتي به مضبوطيءَ سان قائم ٿي چڪا هيا ۽ جنهن جي خوش بختيءَ جي اثر هيٺ خطرناڪ بربَر پڻ برابري رکندڙ ۽ انصاف پسند حڪومت هيٺ متحد ٿي ويا هيا ۽ ساڳي زبان ڳالهائيندا هئا، اُهي مجين تا ته تخليقي صلاحيتن جي سڌاري سان، انسانَ وڌن تا ۽ ترقي جي راهَ تي هلي پون تا. اُهي پنهنجن شهرن جو وڌندڙ شان شوڪت ۽ ملڪ جو خوبصورت چهرو، جيڪو هڪ ڪشادي باغيچي جيان نکريل ۽ سينگاريل آهي، ڏسي خوش ٿين تا ۽ ان کي ملهائن تا، ۽ جيڪو صلح امن ۽ آشتي

ملهائڻ جو وڏو جشن ٿيو هو جنهن ۾ ڪيترن ئي ملڪن قديمي دؤر جون ڪدورتون ڪڍي، ويڇا وساري ان ۾ شريڪ ٿيا هيا ۽ پنهنجي خوشي ۽ محبت جو اظهار ڪيو هو. تہ اُهي ايندڙ وقت جي ڪنهن بہ خطري کان هاڻي هر طرح آزاد هيا.[109] هي چند جملا جيڪي هتي لکيا ويا آهن، اُنهن ۾ ممڪن آهي ڪجهہ ماڻهن کي لڳو هجي تہ ان ۾ هوش جي بجاءِ جوش آهي يا ڪنهن تقريري مقابلي جهڙا جذبات آهن پر تاريخي سچ سان مقصد ۽ مطلب جو، ڪو ٽڪراءُ ڪونهي پر ان سان يڪراءِ آهي.

اهو شايد ئي ممڪن هو تہ ساڳي دؤر ۾ رهندڙ ماڻهن جي نظرُن، تازي ملهايل عوامي جشن ۾، زوال ۽ بدعنوانين جا سبب ڳوليا هجن. رومين جي ڊگهي امن، سڪون ۽ نظر قائم ڪندڙ حڪومت واري دؤر، هڪ ڳجهي ۽ آهستگيءَ سان ڪر ڏيڪارينڊ زهَر کي شهنشاهت جي بنيادن ۾ ملائي ڇڏيو. ماڻهن جون سوچون وقت سر اُنهن زهر ملائيندڙن جي سطح تائين هيٺ ڪري پيون، ذهانت وارا شعلا وسامي ڇڪا هيا ۽ حدَ اِها جو فوجي جذبو بہ بائَ جي صورت ۾ اُڀامي ڇڪو هو. يورپ جا مقامي ماڻهو بهادر ۽ سڳهارا هئا، اسپين، گال، برطانيہ ۽ اليريڪم، فوج ۾ پرتيءَ لاءِ بهترين سپاهي ڏنا، جيڪي شهنشاهت جي طاقت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ بيحد ڪارآمد ٿيا. اُنهن جي ذاتي بهادري پنهنجي جڳهہ تي قائم رهي، پر اُنهن ۾ اُها عوامي همت ۽ جوش ڪو نہ هو جنهن ذريعي آزاديءَ لاءِ پيار، قومي وقار جو جذبو، خطري جي وقتَ ۾ خبرداري ۽ نظر ۽ ضبط جون روايتون گڏجي جنهن جي پرورش ڪنديون آهن. سنڊن حاڪر جي مرضيءَ مطابق ڪين قانون ۽ گورنر مليا ۽ اُنهن جي حفاظت جي ذميداري هڪ ڪرايي جي فوج کي سؤنپي وئي. سنڊن بيحد بهادر ليڊرن جا پويان، شهرين ۽ رعيت جي مرتبي تي خوش ۽ مطمئن هئا. سنڊن وڏ ۾ وڏ خواهش اِها هئي تہ هو ڪورٽ تائين وڃڻ جي ننهنجي نمائش ڪن يا شهنشاهہ سلامت جو جهنڊو ڪٽي هلن، ۽ جيڪي صوبا، سياسي قوت ۽ ايڪي کان محروم ٿيڻ سبب ويران ٿي ويا هيا، سي نهايت ئي ڪمزور بڻجي ۽، اختلافن جي غورابَ ۾ غرق ٿي، خانگي زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي چڪا هيا.

صلح، سُڪون ۽ نفاست سان لاڳاپيل علم ۽ ڄاڻ سان پيار، هڏرڻن ۽ ائٽونٽز جي رعيت ۾ فيشن جيان مقبول هو جو تہ هو پاڻ کوجنا ڪندڙ ۽ ڏاها هئا، علم کي شهنشاهت جي ڊيگهہ ۽ ويڪر ۾ هر طرف پکيڙيو ويو هو، برطانيہ جي اُترين پاسن جي قبيلن، جوشيلين تقريرن ڪرڻ جو فن سکي ورتو هو، هومر ۽ ورجل جا ترجما ڪري، ماڻهو دنيوب ۽ رائين جي ڪنارن تي ويهي انهن جو مطالعو ڪندا هئا، ۽ اُنهن کي بہ وڏا وڏا انعام ڏنا ويندا هيا جن جي اندر ۾ علر ۽ ادب جي هلڪڙي ۽ ٽِمڪندڙ چٽنگ بہ نظرايندي هئي.[110] دوا درمل توڙي تارَن، گرهن ۽ آسمانن جي سائنس کي يونانين عام ڪيو ۽ ترقي ونڀائي، بطليموس جي مشاهدن ۽ گئلِن جي تحريرن جو مطالعو اُهي ماڻهو ڪن تا، جن پنهنجي ڪيل ڪوجنا کي وڌيڪ سڌاريو ۽ غلطين کي درست ڪيو، پر، سواءِ لَوسِين جي شاهڪار ذهانت جي، اسان جيڪڏهن هن سُستي ۽ ڪاهليءَ جي دؤر ۾ ذهانت رکندڙ هڪڙي ليڪ کي بہ پيدا ڪرڻ يا اهڙي اديب جنهن جي ڪا امتيازي حيثيت رهي هجي يا شاهڪار ڪتاب لکيو هجي، کي ڳولڻ ۽ انکي ظاهر ڪرڻ کان سواءِ هن دنيا کي چڏي هليا ويون تہ اهو هڪ نهايت ئي افسوسناڪ عمل ٿيندو. افلاطون ۽ ارسطو، زينو ۽ ايپيقيورَس جو اختيار ايا تائين اسڪولن ۾ حڪومت ٽوڪري، سنڊن ڏاهيل اصولَ يا سرشتا، تمام گهٽي عقيدت منجهان، سنڊن چاهيندڙن ۽

شاگردن جي هڪ نسل کان پي نسل تائين پهچي ويا، جن، اختيارن جي استعمال جي هر ممڪن کوشش يا انساني ذهن جي درجي کي مٿاهين ڪرڻ جو گهربل ڪر بنا دير ڪري ڏيکاريو. شاعرن يا تقرير جي ماهرن جي خوبصورتي اِن ڳالهه ۾ هئي ته پنهنجي ذاتي مثال وانگر، ٻين جي اندر ۾ به ڪا چٽنگ ٻارڻ يا دونهين ڏکائن ۽ نه اهو ته، رَنڊيل پنڊيل ڳالهين ۽ ڪاپي ڪرڻ جي فضول رجحانن کي ئي اڳتي ڪن يا وري جي ڪنهن معياري ڪمن يا نمونن کان منهن موڙيو ته اُنهن (شاعرن ۽ مُقررن) به مجيل فهم ۽ شائستگيءَ کان فورن منهن موڙي ڇڏيو. ڪافي وقت جي ساهيءَ ڪانپوءِ علم جي مشعل کي ٻيهر روشن ڪرڻ لاءِ نوجوان نسل جي گرم جوش جذبي، قومي چٽاپيٽي، نئين مذهب، نئين هولين ۽ هڪ نئين دنيا قائم ڪرڻ لاءِ يورپ جي ذات ۽ تخليقي صلاحيتن کي پوري خلوص سان پڪاريو. پر روم جي صوبن جي ماڻهن، جن کي هڪ جهڙي ۽ مصنوعي ڏاري تعليم ڏني وئي هئي، قديمي بهادر ماڻهن سان هڪ غير برابريءَ واري مقابلي ۾ مُهاڏو اٽڪائي ويٺا هيا، جيڪي پنهنجي مقامي زبان ۾ پنهنجون اندر جون سچيون خواهشون ظاهر ڪندي، اڳي ئي هر اُها جڳهه والاري ويٺا هئا جيڪا عزت ۽ مرتبي واري هئي، شاعر جو نالو ڪانئن ڇڻ مورڳو وسري ويو هو ۽ مُقرر صاحب جو نالو دليل ڏيندڙ فلسفين ڪانئن کسي ڇڏيو هو. هاڻي جيڪو ڪجهه ٻچيل هو سو هڪ هجوم هيو نقادن جو، ڪتابَ سهيڙڻ وارن جو ۽ تبصري نگارن جو، جن علم ۽ ڄاڻَ جو مُنهن ڪارو ڪري ڇڏيو هو ۽ ذوق شوق يا خوبصورتيءَ جي احساس ختم ٿيڻ شرط ئي ذهانت ۽ تخليقي صلاحيتن جي زوال جي شروعات ٿي چڪي هئي.

لانگينَس جيڪو هڪ مٿاهون ماڻهو هو ۽ جنهن اٽينس جي اصلي رُوح کي قائم رکيو، هڪ موقعي تي شاعَر جي راٽيءَ جي ڪورٽ ۾، پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي پنهنجي همعصرن جي معيارن جي ٻگاڙَ تي ڏک جو اظهار ڪيو هو جن پنهنجي جذبن کي ذليل ڪري ڇڏيو هو، همت حوصلي کي ضعيف بنائي ڇڏيو هو، ۽ پنهنجين صلاحيتن کي دٻائي مايوس ڪيو هو. ساڳي ئي لهجي ۾ هو چوي ٿو: "جيئن کي ٻارَ هميشه لاءِ ڇامڙا رهندا آهن، جن جا ڪچڙا عضوا هڪ ٻئي ۾ جڪڙيل هوندا آهن، اهڙيءَ طرح اسانجا نازڪ ۽ ڪمزور دماغ جيڪي تعصب جي ٻيڙين ۾ ٻَڌل ۽ غلاميءَ جي عادتن ۽ زنجيرن ۾ جڪڙيل آهن، اُهي ان لائق رهيا ئي ناهن جو پاڻ مرادو وڌي سگهن يا پنهنجي پوري حصي جيتري عظمت حاصل ڪري سگهن، جنهن لاءِ اسان قديمين جي واکاڻَ ڪريون ٿا، جن، هڪ جمهوري ملڪ ۾ رهي، اوتري ئي آزاديءَ سان لکيو جيتريءَ سان هو پاڻ عمل ڪندا هئا." [111] هتي اهو محاورو شايد مناسب معلوم ٿئي ته انسانذات جي معيار جو قَدُ گهٽبو پيو وڃي، ۽ وري روز بروز اهو ڪرندو پراڻي دؤر جي هيڻاهن معيارن کان به نِيچ ٿيندو ٿو وڃي، اهڙيءَ طرح رومي دنيا جا ماڻهو يقيني طور تي جامڙن جو نسل هئا، جڏهن اُتر جا خطرناڪ جاننا جوانَ سندن صفن ۾ زوريءَ ڪاهي پيا ته ڪمزور ۽ حقير نسل کي سبق سيکاري ٺيڪ ڪيائون. اُنهن آزاديءَ جو مردانگيءَ وارو جذبو منجهن جاڳايو، ۽ ڏهن صدين جي انقلاب کان پوءِ، آزادي، هڪ "خُوبصورت ذوق شوق ۽ سائنس" جي خوش ٿيندڙ وارث بڻجي وئي.

باب - ٻيو

حاشين بابت وضاحتون.

1. اهي يادگارَ لاهور ۽ دهلي جي اتكل وچ پنڌَ تي لڳرايا ويا هيا. هندستان ۾ سڪندر اعظم (Alexander The Great) جون سوين پنجاب تائين محدود هيون جيڪو سِنڌُوءَ جي پنجن وڏن وهڪرن وارو ملڪ آهي.

* (چنگيز خان).

2. ڏسو ايم - ڊي گائينس - هُنَن (Huns) جي تاريخ (xv,xvi,xvii) .

3. گهٽن خدائن کي مڃڻ واري ماٺهوءَ جي ذهني ۽ روحاني لڳاءَ بابت ڪنهن به ليکڪ ايڏي خوش اصلوبيءَ سان نه لکيو جيترو هيروڊوٽس ان سان انصاف ڪيو آهي. مذهب جي فطري تاريخ ۾ مسٽر هيوم بهترين احوال ڏنو آهي. (1776 - 1711) وري بُوسي، عالمي تاريخ ۾ شاهڪار تضاد پيش ڪيو آهي. مصر جي ماٺهن ۾ البت مذهبي ڪٽرپڻي جا ڪجهه آثار ڪٿي ڪٿي مليا آهن. (ڏسو - هاراٽيون طنزون - (xv) عيسائي ۽ يهودي جيڪي روم جي شهنشاهت ۾ رهندا هيا، اُنهن جو قصو ڪجهه الي قسر جو آهي، پر واقعي ايترو نرالو جو جيڪڏهن ان تي تفصيلي بحث ڪجي ته هن ڪر کي مڪمل ڪرڻ لاءِ پورو باب لکڻو پوندو.

4. اولمپَس جي حاڪم جا حقّ، اختيارَ ۽ دعوائون، اِليَڊ جي پندرهين ڪتاب ۾ صاف ۽ واضح طور تي لکيل آهن جيڪو اصلي يوناني ۾ لکيل آهي. منهنجو مطلب آهي هي مسٽر پوپ لاءِ لکيل آهي، جنهن سواءِ سمجهڻ ۽ غور ڪرڻ جي، هومر جي ديني تعليم بابت سڀ ڪجهه آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، (الڳزينڊر پوپ، هومر جي اِليَڊ جو ترجمو ڪيو هو.)

5. مثال طور، ڏسو سيزر، ڊي بيل، گال، (vi, 17) هڪ يا ٻن صدين اندر، گال قوم جا ماٺهو پنهنجن خدائن کي، عطارد، مريخ ۽ سج ديوتا وغيره ڪوڙ لڳا.

6. سِسيرو جو تعريف لائق ڪتاب، ڊِي نيچرا ڊيورم، اسان وٽ موجود آهي جيڪو اسانکي اونداهي ۽ اونهيءَ غار مان ٻاهر ڪڍي، اسانجي رهبري ڪري ٿو. هو نهايت ئي بيباڪي ۽ سچائيءَ سان پنهنجا دليلَ بيان ڪري ٿو ۽ فيلسوفن جي نظريَي کي خوبصورتيءَ سان غلط ثابت ٿو ڪري.

7. آئون بغير ڪجهه لکائڻ جي واضح طور چوان ٿو ته هِن لا مذهب دنيا ۾، وَهمن ۽ وسوسن، جيئن خوابَ، شُگونَ، جِنَ، پُوتَ وغيره جي فطريَ خوف خطرن جي حقيقت هاڻي بي معنيٰ بڻجي وئي آهي.

8. سُقراط، ايپي قور، سِسيرو ۽ پلُو تارچ، پنهنجي پنهنجي ملڪ ۽ پوري انسانذات لاءِ مذهب جي احترام ڪرڻ جي تعليم ڏني آهي. ايپي قور جو عقيدو ثابت قدميءَ وارو ۽ مثالي آهي.

9. پاليبيَس (vi, 56) ,هاراٽيون طنزون (xiii) ۾ افسوس جو اظهار ٿو ڪري ته سندس وقت ۾ هن قسر جا ڊپَ ڊاوَ گهٽي پاڳي پنهنجو اثر وڃائي چڪا هيا.

10. ڏسو سراکيوز، ٽئرينٽر، امبرئسيا ۽ ڪورنٽ وغيره جي حالت. سِسيرو ۽ ويريس جو ورتاءُ ۽ گورنرن جي عام هلت چلت، اُنِين ٻاراڻي طنز ۾.

ڪلاڊ ۾ سوٽونِيس- پلني، فطري تاريخَ ۾.

12. پوليُوٽيئر. ڪلتيُن جي تاريخ ۾.

13. سينيڪا، ڪنسولٽ ائڊ هيلوئِر- (ص- 75 ايڊٽ، لِپس

14. ڊائينيسَس ۽ هئليڪارن. قديم روم- (ڪتاب - ii)

15. روم جي سال 701ع ۾، سينيٽ جي حڪم هيٺ، آئسِس ۽ سِرايِس جو مندر ڊاهيو ويو هو. (ڊائن ڪئيسيَس,XI) (252. اُن جي ڊاهڻ ۾ مُجسٽريٽ خود پنهنجي هٿن سان حصو ورتو هو. (وئليريس مئڪسيمَس (i,3) سيزر جي موت کانپوءِ ان کي حڪومت جي خرچ تي ٻيهر بحال ڪيو ويو. (ڊائن - xIvii, 501) جڏهن آگسٽَس مصر ۾ هو، هن سرايِس جي شان شوڪت کي مان ڏنو (ڊائن - Ii-647) پر روم جي پسگردائي ۽ هر طرف کان هڪ ميل تائين، هن مصر جي ديوتائن جي پُوڄا تي پابندي لڳائي ڇڏي. (ڊائن - Iiii, 697 ۽ لِوي - 735) اُهي سندس حڪومت ۽ سندس جانشين جي وقت ۾ ڏاڍا فيشن جا شوقين ٿي پيا. (اووِڊ، ڊي آرٽ) بهرحال پوءِ ٽائبيريس جهڙي انصاف واري انسان کي ڪجهہ ڳالهين تان ڪاوڙ آئي ۽ ان پوءِ سخت قدم کنيا. (ڏسو ٽئيسٽس جي تاريخ , ii,58) جوزفس قديم تاريخ - xviii,3) .

16. دفاع نامي ۾ ٽرٽولين (6، .74) ايڊٽ: هُوَرڪئمپ. آئون سندن آبادڪاريءَ کي فلئوين جي ڪٽنب جي ڪوششن جو نتيجو ٿو سمجهان.

17. ڏسو لِوي (xi, xxix)

18. مئڪراب- سئچُرنئليا (iii, 9) هو اسانکي، طلب ڪرڻ يا گهرائڻ (مُردن کي ٻہ) جو طريقو ڏسي ٿو.

19. آڪٽيويو ۾ مائنيوسِيَس فيلڪس. (ص - 54). آرنوبيَس (vi, 115)

20. ٽئسيٽَس، تاريخ جا ورق (xi,24) .ڏاهي اسپانير جو لکيل آرِبس رومَنَس لئٽير، اٽلي ۽ ٻين صوبن جي، روم جي آزاديءَ جي خوشيءَ ۾ شامل ٿيڻ جي هڪ مڪمل تاريخ آهي.

21. هيروڊوٽس (v,97) اهو ڏسجي پيو تہ تمام گهڻا ماڻهو سندس احترام ڪندا هئا ۽ هُو اُنهن ۾ بيحد مقبول هو.

22. اٽينيس ڊيپنو سافِسٽ (vi, 272) ڊي فورچونا ائٽيڪا. (باب - 4)

23. ڏسو، هر پنجن سالن کان پوءِ ماڻهن جي تمام صحيح تعداد جو مجموعو، ايمِ-ڊي بيوفورٽ جي ڪتابَ رومن ريپبلڪ ۾.

24. اَئپين ڊي بيل، سِوِل- (ڪتاب.1، ويلسيَس پيٽرڪيولس (ii, 15, 16, 17) .

25. مئسينَس کيس مشورو ڏنو هو تہ فقط هڪ فرمانَ ذريعي، سڄي رعيت کي شهريت ۾ تبديل ڪيو وڃي، پر اسان اِن شڪ ڪرڻ ۾ شايد صحيح آهيون تہ مؤرخ ڊائن، جيڪو "ڪائونسل" (صلاح مشورن جي ڪتاب) جو مصنف هو، سو آگسٽَس طرف گهٽ پر پنهنجي ذاتي دؤر ۽ معاملن جو وڌيڪ خيال رکندو هو.

26. سينيٽرن کي خوش رکڻ لاءِ، اُنهن جي ذاتي زمين جي ٽئين حصي جيتري مِلڪيت کين اٽلي ۾ رکڻ جي اجازت هئي. (ڈسو پلني vi, 19) مارڪس ان حدَ کي چوٽين حصي تائين گهٽائي ڇڏيو. ٽراجن جي حڪومت جي دؤر ڪان، اٽلي جو ڏيڏهو، هيٺ ٽيندي ٽيندي اڃي ذري گهٽ صوبن جي سطح تي پهتو هو.

27. مارڪس ماني جو ويرونا اِسٽرٽا سيزرس جي حڪومتن ۾ اٽلي جي ظاهري صورت ۽ حالتن جي باري ۾ اسان کي صاف ۽ تمام واضح طور ٻڌائي ٿو.

28. ڈسو پاسٽنياس. (ڪتاب - VII) رومين مهرباني، طور اُنهن اسيمبلين جا نالا بحال ڪري ڇڏيا جيڪي هاڻي خطرناڪ نہ رهيون هيون.

29. انهن کي اڪثر ڪري سيزر بيان ڪيو آهي. ابي ڊُوبوز جون ڪوششون تہ گال جون اسيمبليون اجا بادشاهن هيٺ هيون، ڪامياب، نہ ٿيون. (فرينچ ۾ اسٽئبلشمينٽ جي تاريخ)

30. ڪنسوليٽَ ۾ سينيڪا ائڊ هيلويَر (باب - 6). ميمنن اپڊ فوٽيَر. (باب - 33) وئيلر. مئگزم (ix,2) پلوٽارچ ۽ ڊائن ڪئيسَس، قَتل ڪيل ماڻهن جو تعداد 150,000,00 ٻڌائن ٿا، پر منهنجي اندازي موجب ان کان گهٽ تعداد، پوءِ بہ ڪافي آهي.

31. اسپين ۾ پنجويهہ ڪالونيون آباد ٿيون. (ڈسو پلني جي فطري تاريخ iii, 3, 4, iv, 35) نَوَ برطانيہ ۾، جن مان لندن، ڪولچيسٽر، لِنڪن، چيسٽر، گِلائوسيسٽر ۽ باٿ اجا تائين اتان جا وڏا شهر آهن. (ڈسو سرينسيسٽر جو رچرڊ - ص - 36، وٽاڪر جي مئنچيسٽر جي تاريخ i,3) .

33. اَل گيل نڪنس اَئيٽسي (xvi, 13) شهنشاهہ هئڊرئن تعجب جو اظهار ڪيو تہ اُپيڪا، گيڊس ۽ اِٽاليڪا (Utica, gades & Italica) جا شهرَ جن کي اڳ ۾ ئي ميونسپالٽيءَ جا حق مليل هئا، تہ اُنهن ڪالونين ۾ شامل ٿيڻ لاءِ جو درخواستون ڏنيون هيون. بهرحال، اُنهن جو مثال جڻ هڪ فيشن ۾ شامل ٿي ويو ۽ سڄي شهنشاهت ۾ بيشمار اعزازي ڪالونيون قائم ٿي ويون. (ڈسو اسپانير). اسپانير. آربس رومن. (باب - 8 - ص - 62.).

35. رومي انڪوميو ۾ ارسٽائيڊس i,218) .ايڊٽ - جيب)

36. ٽئسيٽس، تاريخ جا ورق. (xi, 23, 24 تاريخ iv, 74)

37. ڈسو پلني. فطري تاريخ (iii,5) آگسٽائن ڊي سِويٽيٽ ڊي (xix, 7) لِپسيس: لاطيني هولي ۽ انجو تلفظ.

38. اَپوليَس ۽ آگسٽائين آفريڪا لاءِ، اسٽرابو، اسپين ۽ گال جي لاءِ، ٽئسيٽَس، (ائگريڪولا جي زندگي ۾) برطانيہ لاءِ ۽ پنونيا لاءِ ويليَس پٽرڪيولس. اسان هنن ۾ نقش و نگار جي هولي بہ ملائي تا ڇڏيون.

39. ڪلٽي زبان، ويلز، ڪارنوال ۽ آرموريڪا جي جبلن ۾ محفوظ هئي، اسان جي مشاهدي موجب، اَپُوليَس، هڪ آفريڪي نوجوان جي سخت مذمت ٿو ڪري جيڪو مقامي ماڻهن ۾ رهندي بہ پيونڪ

ڳالهائيندو هو ۽ يوناني زبان کي وساري ڇڏيو هئائين ۽ لاطيني نه ته ڳالهائي سگهندو هو ۽ نه وري ڳالهائڻ چاهيندو هو. (دفاع نامو - ص - 596) سينيٽ آسٽن جي وڏن ميڙاکن جي گهٽي حصي جا ماڻهو پيونک لاءِ ڇڻ ته ڏاريا هئا. (سينيٽ آسٽن، يعني سينيٽ آگسٽائن).

40. فقط اسپين کوليوميلا، سينيڪا، ليوکن، مارشل ۽ ڦٽنڊيلين کي منظر تي آڻيندو هو.

41. مون کي يقين آهي ته ڊائنيسيس کان وٺي لبانيس تائين، کو هڪڙو به يوناني نقاد ناهي جنهن ورجل يا هورئس کي بيان کيو هجي. اُهي ان ڳالهه کان بيخبر هئا ته رومين وٽ کي وڏا ليکڪ به هيا.

42. تجسُس وارو پڙهندڙ ڏوپن ۽ ڏسندو ته شامي ۽ مصري هولين جي کيتري استعمال کي ايا تائين محفوظ کيو ويو هو.

43. ڏسو پاراٽيون طنزون (iii ۽ xv) اُميئينس مارسيلينس (xxii,16) .

44. ڊائن کئسيس .(Ixxvi,1275) پهريون واقعو، سيپٽيميس سيورس جي حڪومت ۾ پيش آيو.

45. ڏسو وئليريس مئڪسيمس (ii,2,2) کلاڊيس بادشاهَ هڪ معزز گرئشين کي سندس وُٺ ڏيڻ جي حق کان محروم کري ڇڏيو ڇو ته هو لاطيني زبان نه سمجهندو هو. هُو شايد کنهن سرکاري محکمي ۾ ڪر ڪندو هو. (کلاڊيس ۽ سوٽونيس).

46. لَکيولَس جي کئمپ ۾ هڪ ڊِگو فقط هڪ ڊراچما (يوناني سِکو) ۾ وڪاڻو ۽ هڪ غلام فقط چئن ڊراچمن يا اندازي موجب ٽن شلنگن ۾ خريد کيو ويو. (لکيولس ۽ پلوٽارچ).

47. ڊايوڊورس سِکيولَس، ايکلاگ ۾ تاريخ (9xxxiv) فلورس (iii,19,20) .

48. ڏسو ويرم ۾ سِسيرو جيکو سختيءَ ڪرڻ جي سلسلي ۾ بهترين مثال آهي.

49. گرُوٽر ٻين شين جمع ڪرڻ وارن ۾ ڏسو تمام گهٽا جيکي نقشَ غلامن طرفان پنهنجن زالن، ٻارن، نوڪرن جي دوستن، مالکن وغيره ڏي موڪليل هيا، جيکي سيئي گهٽو ڪري شاهاڻي دوُر جا آهن.

50. ڏسو رومي غلامن جي باري ۾ آگسٽن جي تاريخ، ۽ ايلر.ڊي برگني جو مضمون، نقش ونگار جي اڪڊمي جي پنجٽيهين جلد ۾.

51. روم جي آزاديءَ جي باري ۾ ڏسو ايلر.ڊي برگني جو ٻيو مضمون ستٽيهين جلد ۾.

52. ڏسو اسپانيلر، آربس رومن. (16 ,i ص - 124 وغيره.)

53. سينيڪا ڊي کليمينشيا (i,24) جيکو اصل آهي اُهو گهٽو مضبوط آهي. (اهو خطرو کيڏو نه وڏو هوندو جيکڏهن اسان جا غلامَ، اسان کي ئي ڪُٽڻ شروع کن.).

54. ڏسو پلني فطري تاريخ. (ڪتاب نمبر - xxxviii) ۽ الينيس (vi,272) پويون وڏي جرئت سان اسان کي ٻڌائي ٿو ته ڪيس تمام گهٽن رومين جي ڄاڻ هئي ته وٽن ڏهن کان ويهَ هزار غلامَ ڪر ڪار لاءِ نه پر فقط ظاهري ڏيکاءَ واسطي هوندا هيا.

55. پٽرس ۾ هر قسر جا 43،700 کان وڌيڪ غلام ناهن جيکي گهرَن ۾ ڪر ڪن ٿا ۽ اتان جا رهواسي اُنهن جو ٻارهون حصو به ناهن. (ميسينج ص - 186).

56. هڪ پڙهيل لکيل غلام کي سَوين پائونڊن ۾ وکيو ويندو هو. اُنٽيڪَس هميشہ انکي پاڻ کارائيندو پياريندو ۽ سيکاريندو رهندو هو. فطري تاريخ وِٽ ۾ ڪورنيل، نيپوس- (باب - 13)

57. ڪيترائي رومي ڊاڪٽر يا حڪيمَ غلامن منجهان هوندا هيا. ڏسو ڊاڪٽر مدلٽن جو مقالو ۽ دليل.

58. پگنوريَس ڊي سروس سندن رُتبن ۽ ڪمن ڪارين بابت ڪولي ٻڌايو آهي.

59. ٽئيسٽس. تاريخ جا ورق (xiv, 43). اُنهن سيني کي مارايو ويو جو تہ اُهي مالڪ جي قتل بابت اڳواٽ اطلاع جو نہ ڏئي سگهيا.

60. معافي نامي ۾ اَپُوليَس (ص - 548.) ايڈٽ: ڊيلفن.

61. پلني- فطري تاريخ. (xxxviii,47) .

62. ڳڻپ موجب حساب هينئن وجي ٻيهندو: فرانس ۾ 20 ملين، جرمني ۾ 22، هنگري ۾ 4، اٽلي ۽ انجي ٻيٽن ۾ 10، برطانيہ ۽ آئرلئنڈ ۾ 8، اسپين ۽ پورچوگال ۾ 8، يورپي روس ۾ 10 يا 12، پولنڊ ۾ 6، يونان ۽ ترڪي ۾ 6، سئيڊن ۾ 4، ڊينمارڪ ۽ ناروي ۾ 3، ۽ هينئين ملڪن ۾ 4. سڄو حساب هڪ سؤ پنج يا وڌ ۾ وڌ هڪ سؤ ست ملين وجي ٿيندو. (ڏسو- والٽيئر جي جنرل هسٽري).

63. جوزِفَس ڊي بيل جبڪو. (ii,16) اَنگريپا يا ايجا بہ هڪ تاريخدان جي هڪ رسمي تقرير ۾ روم جي شهنشاهت متعلق هڪ خوبصورت تصوير چٽيل آهي.

64. سوٽونيَس، آگسٽَس ۾. (باب -28) آگسٽس روم ۾ مندر ۽ مريخ جو عوامي چوڻڪ ٺهرايو. ڪئپيٽول ۾ جوپيٽر ٽونَنس جو مندر، ماٿهن لاءِ لائبريري ۽ اپولو پٽليٽن جو مندر، ڪئيئس ۽ لوسِيس جي لاءِ برساتي چپرو ۽ گرجا، لِويا ۽ آڪٽيئويا لاءِ برساتي چپرا، ۽ مرسيلَس جو ٿيٽر ٺهرايا. بادشاهہ جي مثال جي سندس وزيرن ۽ جنرلن تقليد ڪئي، ۽ سندس دوست اَنگريپا، سندس پويان، پٽنٽيَن جي صورت ۾ هڪ لازوال يادگار تعمير ڪرايو.

65. ڏسو مافي - ويرونا اِلسٽريٽا ۾. (iv, 68) .

66. ڏسو پلني جي تحريرن جو ڏهون ڪتاب. هُو هينيان ڪر تہ ٻڌائي جيڪي شهرن جي طرفان ڪيل خرچ تي مڪمل ٿيا. نِڪوميديا ۾ هڪ نئون عوامي چوڻڪ، پاڻي پهچائڻ لاءِ هڪ وڏي نالي ۽ هڪ وڏو واهہ جيڪو شهنشاهہ اڏ ۾ چڏي ڏنو. نائيس ۾ جسماني ورزش لاءِ هڪ جِمنازيم ۽ ٿيٽر، جنهن تي نوي هزار پائونڊن جو خرچ اڳ ۾ ئي ٿي چڪو هو. پُروسا ۽ ڪلاڊيوپولِس جي جڳهہ تي غُسلخانا، ۽ ماٿهن جي سهولت لاءِ سورهن ميل ڊگهي هڪ پاڻيءَ جي نالي تعمير ڪرائي وئي هئي.

67. هئڊرئن کان پوءِ هڪ انصاف واري ورهاست جو قانون ناهيو ويو جنهن ذريعي هٽ آيل لڪل خزانو انصاف سان هر ان ماٿهوءَ ۾ ورهايو ويو جيڪو ملڪيت جو مالڪ هو ۽ جنهن وري ان کي ڳولي لڌو. (آگسٽ جي تاريخ - ص- 9).

68. وِٽ ۾ فلاسٽرئٽس سافسٽ (ii - ص - 548)

69. اَئولَس گيليَس، ناڪٽ اَئٽڪ ۾ (xviii, 10 i, 2, ix ,2 ,xix ,12) فلاسٽرئٽس . (ص - 564)

70. ڏسو فلاسٽرئٽس (ii, 548, 560) پاسيناس (I, vi, 20) هيراڊ جي زندگي: نقش ونگار جي اڪئبمي، (جلد - 30،).

71. هن سلسلي ۾ اهو حوالو ڊائسيرچس طرفان خاص اڀنس لاءِ ڏنل آهي. يونان جو مرتبو (ص- 8) ۽ جاگرافي جون يادون جنهن کي هدسن ايڊٽ ڪيو.

72. حوالو: ڊونيٽس ڊي روماويٽر (iii,4,5,6) .ناردِيني، روما انٽيڪا (iii, 11, 12, 13) ۽ برناردس آريسٽليريس جو قديم روم جي باري ۾ هڪ مُسودو مليو آهي جنهن جي ڪاپي، مون فلورينس جي ويجهو، ڪٽنن رکاردي جي لائبريري مان هٿ ڪئي. تمانٽيس ۽ پروٽووجينس جي بِن وڏين تصويرن جو پلني، "اَمن جي مندر" ۾ تذڪرو ڪيو آهي ۽ لٽڪون وري ٽائٽس جي غسلخاني مان لڌي آهي.

73. مانٽفاڪن. انٽيڪٽٽ ايڪسپلڪ (iv,2,i,9) اُن کان سواءِ فيبريٽي روم جي پاڻيءَ جي مصنوعي سرشتن تي هڪ جامع ۽ معلوماتي مقالو لکيو آهي.

74. اِيليَن. تاريخ. وار (ix, 16) هو سڪندر سيورَس جي وقت ۾ هو. ڏسو يونان جا فئبريشيَس ببلياٽ، (iv, 21)

75. ڏسو جوزِفس: ڊي بيل جُڊئڪو ۾ . (ii, 16) تعداد، بهرحال، بيان ڪيل آهي جنهن کي ويڪرائي ڦاڪ واري حساب سان سمجهڻ گهرجي.

76. پلني، فطري تاريخ ۾ (iii, 5) .

77. پلني، فطري تاريخ ۾ (iii, 4, iv, 35) , لسٽ مُستند ۽ بلڪل درست معلوم ٿئي ٿي. صوبن جي ورهاستَ ۽ شهرن جون مختلف حالتون ۽ ڪيفيتون چگيءَ طرح واضح ڪيون ويون آهن.

78. اسٽرابو، جاگرافي - (xvii, 1189) .

79. جوزَفس، ڊي بيل جڊئڪو (ii, 16) (وِٽ ۾ فلاسائرئٽس سافسٽ، ii, 548 ايڊٽ - اوليئر.)

80. ٽئسيٽس- تاريخ جا ورق (iv, 55) مون ڪوشش ۽ جاکوڙ ڪري ڪجهه سياحن سان، ايشيا جي اُنهن يادَهن شهرن جي قسمت بابت مشورو ۽ اُنهن جي بيانن جي پيٽ ڪئي آهي، جنهن مان ستَ يا اٺ ته مڪمل طور تي تباهه ٿي ويا آهن، يعني هائيپپ، ٽرالِس، لوڊِيسيا، اِيليئر، هئليڪارنيسَس، مليٽس، اِفيسس ۽ اسان ان ۾ سرڊِس به شامل ڪريون تا. باقي جيڪي ٽي بچيل شهر آهن، پرگَمَس هڪ چڱل ۽ رُليل ڳوٺ آهي جنهن جي ڪل آبادي هن يا ٽن هزار ماڻهن جي مَس هوندي، مئگنيشيا عرف گذيل - حصار هڪ چگو شهر آهي، ۽ اسمرنا هڪ وڏو شهر آهي جنهن ۾ اندازي موجب هڪ لک ماڻهو رهن تا، پر اسمرنا ۾ پڻ، فرئنڪن ته واپار کي زور وڌايو آهي باقي تُرڪن فني دنيا کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي.

81. لوڊِيسيا جي تباهيءَ جي آثارن بابت هڪ پوريءَ طرح صحيح ۽ وٽندڙ بيان چاندر جي ڪتاب، "ايشيا مائنر جو سير" ۾ ڏسو. (ص- 225 وغيره)

82. اسٽرابو (xiii, 866) هن ٽريلس ۾ مطالعو ڪيو هو.

83. ڏسو ايمر- ڊي بوس جو مقالو: ميمر ڊي اڪئڊمي ٽام. ارسٽائيڊس هڪ تقرير ڪئي هئي جيڪا ايا تائين موجود آهي جنهن ۾ هُن مخالف شهرن سان ميل ملاقات وارا لاڳاپا رکڻ جي سفارش ڪئي هئي.

84. اليگزئنڊريا کان سواءِ، مصر جا رهواسي سادا ستر لک هئا. (جوزفس ڊي بيل جڊئڪور (ii,16) مملوکن جي فوجي حڪومت ۾ شامَ جي دائري اندر ست هزار ڳوٺ هئا. (تيمور جي تاريخ v,20)

85. مختلف شهرن جي وچ ۾ عوامي شاهراهن جي طرفن ۽ اُنهن جي مفاصلن جا تفصيل هن ريت آهن: انٽونينئس جي ديوار کان يارڪ تائين 222 رومي ميل، II، لنڊن- 227، iii، رهوٽوپائي يا سئنڊوچ- 67، iv، بولون جو ساموندي رستو- 45، v، رهيمس- 174، VI، ليونس- 330، VII، ملن- 324، VIII، روم- 426، IX، برنڊوسيَم- 360، X، ڊراچيَم جو ساموندي طرف- 40، XI، بائزينٽيَم- 711، XII، انٽسيرا- 283، XIII، ٽارسَس- 301، XIV، انٽئڪ- 141، XV، ٽائر- 252، XVI ۽ جيروسلم- 168. سڀ ملائي اهي ٽيا 4080 رومي يا 3740 انگريزي ميل، ڏسو رستي بابت تفصيل جنهن کي ويسلنگ چاپيو آهي ۽ انجا حاشيا وغيره: برطانيہ لاءِ گيل ۽ اسٽڪلي، گال ۽ اٽلي لاءِ، ايمر- ڊي انٽول لکيا آهن.

86. مانڊ فاڪن. اَنٽيڪئڊ ايڪسپلڪ (iv, 2, i, 5,) جنهن ۾ نارني، الڪٽرا، نِسمس وغيره جي پُلن جو ذڪر آيل آهي.

87. برجيئر، هسٽائرڊيس گرانڊس، چيمنس ڊي ايمپائر رومن (ii, 1-28)

88. تاريخ آرڪانا ۾ پروڪوپيَس. (باب - 30) برجيئر: هيسٽ ڊيس گرانڊس چيمنس (ڪتاب (iv - ڪوڊيڪس ٿوڊيسين (viii, vii, 506-63) گوڊ فراءِ جي چاڻ ڏيندڙ تبصري سميت.

89. ٿوڊوسِيَس جي حڪومت ۾، سيزئريس- هڪ وڏي عهدي جي مئجسٽريٽ، اهڙين چؤنڪين ذريعي انٽئڪ کان قسطنطنيہ جو سفر ڪيو. هُن رات جي وقت پنهنجي مسافريءَ جي شروعات ڪئي ۽ ٻيءَ رات هُو ڪپاڊوشيا ۾ پهتو (انٽئڪ کان 165 ميل) ۽ ڇهين ڏينهن شام جو هن قسطنطنيہ جو سلام وجي پريو. سڄي پنڌ جو ڪا ٽو 725 رومي يا 665 انگريزي ميلن جو ٿيو. (ڏسو لبئنيس، اورئٽ xxii - ۽ سفرنامو - ص - 872-81).

90. پلني جيڪو وزير ٻه هو تہ سندن خاص ماڻهو ٻه هو، هڪ بيحد ضروري موقعي تي، پنهنجي زال لاءِ گهوڙي چؤنڪين جي استعمال لاءِ هڪ نماڻي انداز ۾ درخواست پيش ڪئي.

91. برجيئر: هيسٽ ڊيس گرانڊس چيمنس (iv, 49) .

92. پلني، فطري تاريخ. (xix, 1) .

93. اها نہ ٽيڻ جهڙي ڳالهہ ناهي تہ يونانين ۽ فونيشيا جي ماڻهن ڪي نوان هنر ۽ فن جا نمونا ۽ تخليقون پنهنجي پاڙيسري ملڪن، مرسيليز ۽ گيڊس ۾ متعارف ڪرايون.

94. ڏسو هومر جي اوڊِسي. (ix, 358)

95. پلني، فطري تاريخ. (ڪتاب .xiv) - اسٽرابو، جاگرافي (iv, 223) .گال جي سياري جي تمام سخت سرديءَ جو قديمي ماڻهن ۾ مثال ڏنو ويندو هو.

97. چوٿين صدي عيسوي جي شروعات ۾، هڪ مقرر يُومينيس (ڏسو تعريف نامو، ايڊٽ ڊيلفن، viii,6) جنهن ۾ ٻڌايل آهي ته وائين جون وليون، آٽن جي علاقي ۾ پيدا ٿيندڙ هيون جيڪي وقت سان گڏ ختر ٿي ويون ۽ اهائي اُها پهرين پوک هئي جنهن جي ماٿهن کي خبر گهٽ هئي. ايم - ڊي انُول، پٽگس ايريگنَس کي بيون جو ضلعو ٿو ڪوٺي، جيڪو اڄ تائين بہ برگنڊي جي (شراب) جي پهرين پٽداوار طور ملهايو ويندو آهي.

98. پلني، فطري تاريخ، (ڪتاب - xv) .

99. پلني، فطري تاريخ، (ڪتاب - xix) .

100. ڏسو زراعت جي باري ۾ مسٽر هارٽ جا مجمُوعا جهڙا مضمونَ جنهن ۾ هن پورو مواد هڪ جڳهه تي جمع ڪيو آهي جنهن ۾ قديم تورڻي جديد ماٿهن لوسرن (لوسَنڊ) جي باري ۾ چيو آهي. (هڪ چٽالي جهڙو ٻوٽو جيڪو گاهه سان ڪٽُر ڪري مال کي کارائبو آهي).

(نوٽ: ڏسو سِنڊيڪار پاران وڌيڪ وضاحت(الف) حاشيي جي پيڙي ۾.)

101. ٽئيٽس، جرمنيا. (باب - 45،) پلني، فطري تاريخ , (xxxvii, II) پوئين صاحب ڏاڍي خوش مزاجيءَ مان پنهنجو تجزيو پيش ڪيو آهي ته فيشن کي بہ ايڏا ائمبر جي استعمال جي خبر نہ پئي آهي! نيرو پنهنجي هڪ رومي سردار کي موڪليو ته هو اُن جڳهه تان ائمبر تمام گهٽي تعداد ۾ وٺي اچي جتان اُهو پيدا ٿي ٿيو، يعني جديد پُروشيا جي ڪناري تان.

102. رومي ان کي ٽپروبانا ۽ عربَ سرانديب ڪوٺيندا هئا. ڪلاڊيس جي حڪومت ۾ ان جي باري ۾ خبر پئي هئي جيڪو وقت سِر مشرق جو مڪيہ ڪاروباري مرڪز بنجي ويو.

103. پلني، فطري تاريخ , (vi .اسٽرابو - ڪتاب - xvii) .

104. تاريخ، آگسٽ. (ص - 224) ريشم جو وڻ، عورت لاءِ زيوَر جي برابر هو پر مرد لاءِ بيعزتي جو سبب هو.

105. موتين جون ٻہ وڏيون جڳهون اُهي ٿي هيون جيڪي اڄ بہ ساڳيون ٿي آهن، يعني اورمُز ۽ ڪيپ ڪومورِن. وري جيڪڏهن اسان قديم جاگرافي جي جديد سان پيٽ ڪريون ته معلوم ٿيندو ته روم کي، بنگال جي جَملپور کاڻ مان هيرا ڏنا ويندا هئا جنهن کي ٽيورنيئر جي ساموندي سفر (ii, 281) ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

106. ٽئسيٽَس - تاريخ جا ورق (iii, 53) ٽائبيريس جي تقرير ۾ واضح ٿيل آهي.

107. پلني، فطري تاريخ (xii, 18) هڪ ٻي جڳهه تي هُو ڳڻپ ڪري ٻڌائي ٿو ته ٻڌايل رقم جو اڌ ٿيندو ڪئنجينٽيز ايڇ - ايس (يعني 50 ملين سيسٽرٽي (رومي سڪو) عربستان کي ڇڏي فقط هندستان لاءِ. i,e 50)

ڏسو: سنڊيڪار جو نوٽ، (ب) حاشيي جي پيڙيءَ ۾.

108. حصي رسي 1:10 جي هئي ۽ 12 2/1 وڏي 14 2/1 ٽي ويا جيڪو ڪانسٽنٽائن طرفان قانوني طرح حصو مقرر ڪيو ويو هو. ڏسو آربيوٽانس جي قديمي سِڪن جي جَدول (باب - v).

109. ٻين تحريري ٽڪرن کي جاچڻ کان پوءِ ڏسو پلني، فطري تاريخ (iii, 5) ارسٽائيڊس ڊي اُربي روما ۽ ترٽيولين، ڊي ائنيما. (باب - 30) .

110. هيرادس ائنيڪس، دليل ڏيندڙ ۽ فيلسوف پوليمو کي، ٽن جذباتي تقريرن ڪرڻ جي عيوض اٺ هزار پائونڊ ڏنا. ڏسو فلاسٽرٽس (i, 558) ائينس ۾ ائٽونينز هڪ اسڪول قائم ڪيو، جنهن ۾ گرامر، تقريرن جي فن، سياست ۽ فلسفي جي چئن اهم شعبن جا پروفيسر اُتي پڑهائيندا هئا، انهي اسڪول کي حڪومت جي خرچ تي، نوجوانن جي سکيا ۽ تربيت لاءِ هلايو ويندو هو. هڪ فيلسوف جي سال جي پگهارَ ڏهه هزار ڊراچمي هئي جيڪا ٽن کان چئن هزار پائونڊن جي برابر هئي. سڄي شهنشاهت ۾ ٻيا به اهڙي قسر جا ادارا قائم ڪيا ويا هيا. ڏسو لُوسين، کدڙي ۾ (ii,353) ايڊٽ ريٽز فلاسٽرٽس (ii,353) آگسٽ جي تاريخ (ص - 21، ڊائن ڪئيس (Ixxxi-1195 جوونيل پاڻ هڪ جڙواري طنز ۾، جيڪا هر سِتَ ۾ سندس پنهنجي مايوسيءَ کي ڇڻ غلط ثابت ڪري ٿي، مجبور ٿي چوي ٿو: (نوجوانو! هڪ خوش ڪندڙ حاڪر اِن تاڙَ ۾ آهي ته نوجوانن جي ذهانت کي همٿائي، پر ياد رکجو: فقط پنهنجي فائدي لاءِ)

* صفحو - 46. (يعني 15 هين صدي جي نئين جاگرتا دوُران.

111. لانگن، ڊي سبلر. (باب 43، 229، ايڊٽ: ٽال (هتي پڻ اسان لانگينس لاءِ واضح ڇئون ٿا ته خود سندس پنهنجو مثال، سندس پنهنجن ئي قانونن کي سمجهَڻ ۽ توانائي پهچائي ٿو. (مٿاهين درجي جو حوالو شايد سندس پنهنجي ڪَر بابت آهي جيڪو هُن پهرين صدي عيسوي ۾ ڪيو هو.) پنهنجن جذبن جي لاءِ مردانگي ۽ بهادري واري تجويز ڏيڻ جي بجاءِ، هو اَڄ سڏيءَ طرح ۽ ڏاڍي احتياط سان پنهنجا جذبا دوست جي ڇڻ واتَ ۾ وجهي ٿو ۽ جيتري قدر هڪ بگڙيل مواد مان اسان کي ڪجهه مليو آهي ته پاڻ ظاهر اهو ٿو ڪري ته هُو ان جي تردید ٿو ڪري.

* (الف) لوسَرن (Lucern) جو پڙهي مونکي شڪ پيو ته اهو شايد سنڌيڪار پاران ٻه وضاحتون: لُوسڻ هوندو. لُغت ۾ معنيٰ لکيل آهي "A Clover like plant" معنيٰ چَٽالو، برسيم وغيره. بس پوءِ ته شَڪُ، پَڪ جو روپ ونيِ ويو ته، لوسرن ۽ لوسڻ، ساڳيو ئي لفظ آهي. عجيب اتفاق يا هولين جي ميلاپ جي حيرت ۽ خوشي جيتري مونکي ٿي آهي، اوتري اوهان کي ٻه ٿي هوندي ته ڪٽي روم جي بادشاهت ۽ ڪٽي سنڌ يا پاڪستان، هولين جو ميلاپ، بهرحال سنو لڳو. (سِنڌيڪار)

* (ب) گبن گهٽو ڪري هن ڪتاب ۾ هر جڳهه تي جڏهن به پئسن يا سفَر وغيره جو ذڪر ڪيو آهي ته رومي عدد يا ماپ وغيره سان انگريزي برابري وارو حصو به ٻڌائيندو ويو آهي، پر لڳي ٿو ته هتي الائي چو پلجي ويو آهي. تنهنڪري سيسٽرٽي، جي برابر رقم نه برطانيه جي حساب سان ٻڌائي سگهجي ٿي ۽ نه سنڌ ۽ پاڪستان جي حوالي سان.

باب - ٽيون

النٽونئز جي دؤر ۾ روم جي شهنشاهت جي آئين جي باري ۾.

هڪ موروثي شهنشاهت جي ظاهري وضاحت اها ٿيندي ته اُها رياست جنهن ۾ هڪڙي ماٿهوءَ وٽ، جنهن کي جيڪو به نالو ڏنو ويو هجي، قانون تي عمل ڪرائڻ، آمدني جي ذريعن جو انتظام سنيالڻ ۽ فوج تي حڪم هلائڻ جا پورا اختيار هجن. پر جيستائين هردم هوشيار محافظن ذريعي وڏي بهادري ۽ دليريءَ سان، ماٿهن جي آزاديءَ جي پوري پوري حفاظت نٿي ڪئي وڃي، ته پوءِ اُهو حاڪر پلي ڪيڏو به وڏو انصاف پسند ئي ڇو نه هجي پر سندس اختيار جلدئي بگڙي آمراٽا ٿي ويندا. وهمن ۽ وسوسن واري وقت ۾، پادرين جي اثر رسوخ کي انسانذات جي حقن کي قائم ڪرڻ لاءِ ڪار آمد طريقي سان استعمال ڪري سگهجي ٿو، پر تاجَ ۽ سُوريءَ جو پاڻ ۾ ايترو ته ويجهو رشتو آهي جو چَرچ جي جهنڊي کي اُن طرف شايد ئي ڪنهن ڦرڪندي ڏٺو هجي، جيڏانهن عوام هجي. بهادر ۽ باوقار خاندائي ماٿهو جن وٽ فوجي طاقت هجي، ۽ عوام جا هٿيلا ماٿهو، جيڪڏهن آئين ٺاهيندڙ اسيملين ۾ اچي گڏ ٿين ته اُهي برابريءَ وارو هڪ اهڙو توازن قائم ڪري سگهن ٿا جيڪو آزاد آئينَ جي وقارَ کي بحال رکي ۽ اقتدار جي اُمنگ رکندڙ شهزادن جي ارادن تي پاٽي ڦيري ڇڏي.

آمر شخصَ* جي اقتدار جي خواهش، روم جي آئين جي هر رُڪاوٽ کي پنهنجي لاءِ هموار ڪري ڇڏيو هو ۽ ان جي حفاظت واري هر طريقي کي ئي طاقتون رکندڙ * ظالمَ تباهه ڪري ڇڏيو هو. ائڪنير جي فتح کان پوءِ، رومي دنيا جو مقدر آڪٽئويئنس عُرف سيزر جي مرضيءَ مطابق هلڻو هو جنهن کي پنهنجي چاچي پالي سانيي اهو اختيار ڏنو هو ۽ اُن کانپوءِ سينيٽ جي چاپلوسيءَ جي ڪري ساڳيو اختيار آگسٽس کي مليو. چوئيتاليهَن آزمودگار فوجي دستن تي حڪم هلائيندڙ فاتح،[1] جنهن کي پنهنجي طاقتَ ۽ آئينَ جي ڪمزوريءَ جو چڱيءَ طرح اندازو هو، ويهَن سالن جي خانه جنگيءَ ۾، ظلمَ، زوري ۽ رَتُ جي راند جي هر عملَ مان گذريو هو، سيزر ۽ سندس ڏُر سان پوريءَ طرح سچو هو ڇو ته اُتان ئي کين گهڻو ڪجهه مليو هو ۽ ايا به بيشمار انعامن اڪرامن جي ملڻ جي کين اُميد هئي. صوبن، جن کي جمهوريه جي وزيرن تمام تنگ ڪيو هو، هڪڙي اهڙي ماٿهوءَ جي حڪومت مان سُک جو سَاهه پريو جيڪو ننڍن ننڍن آمرن جو ساٿاري نه پر پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ ۽ مختيار هو. آميراٽي راج جي ذِلت تي پنهنجي اندر ئي اندر ۾ خوشي محسوس ڪندي، روم جي ماٿهن رڳو ماني ٽِڪي مهيا ڪرڻ ۽ نمائشي ميلن لڳائڻ جو مطالبو ڪيو ۽ آگسٽس جي درياهَ دِلي طرفان سندن گُهربل ٻُئي شيون کين ڏنيون ويون. اٽلي جا شاهوڪار ۽ ننيس ماٿهو، جنِ ايپيقيورس جي فلسفي کي عالمي سطح تي مڃيو ۽ دل سان قبول ڪيو هو، آمن ۽ آرام جي هاٿوڪين نعمتن کان بيحد خوش هئا، ۽ پراڻن هُل هنگامن واري آزاديءَ جي خوش ڪندڙ خوابَ جي ياد ۾ رُڃي پوَڻ تي به پريشان يا نا خوش نه هيا. پنهنجي طاقت جي زور تي سينيٽ پنهنجو وقار وڃائي چڪي هئي، وڏن وڏن عزت وارن خاندانن جو ڇڻ وجود ئي آڏ لَپ ٿي ويو هو. جوش جذبي ۽ قابليت وارا جمهوري ماٿهو يا ته جنگين ۾ يا وري قتل جي ڏنل فتوائن ۾ ڪَپي ختم ٿي چڪا هيا. اسيمبليءَ جي دروازي کي ڇاٽي ڇڏي ڪليل رکيو ويو هو جنهن ۾ پانت پانت جا هزار کان وڌيڪ ماٿهو گِهڙي ويا جن پنهنجي مرتبي کي، وقار بدران بيعزتي بخشي ڇڏي هئي.[2] سينيٽ جو سُڌارو ۽

نئين سِر جوڙ جڪ. آگسٽس جو پهريون قدم هو جنهن ۾ هُن آمِرَ کي ڏِکي ٻاهر ڪڍيو ۽ پاڻ کي پنهنجي ملڪ جو سرپرست بڻائي ڇڏيو. ڪيس مُحتسب جي حيثيت ۾ چونڊيو ويو ۽ پنهنجي وفادار سائي اگريپا جي صلاحَ ۽ مدد سان هن سينيٽرن جي سڄي لِسٽ کي ٻيهر غور سان جا چيو ۽ اُنهن ميمبرن کي ڪڍي ڇڏيائين جن جي بُرين عادتن يا اُنهن جي ضِدي طبيعت مان، ڪيس عوام لاءِ هڪ مثال ٺاهڻو هو. اهڙن ۾ سؤ وڌيڪ ميمبرن کي آماده ڪيائين ته هو عوام جي آڏو بيعزت ٿيڻ بدران پاڻهئي ڇڏي وڃن. سينيٽر جي لياقت ۽ اهليت کي ڏهنَ هزار پائونڊن تائين وڌايو ويو. امير گهراڻن ۽ دولت مند خاندانن جي وَڏڙ ويجهڙ کي همٿايو ويو. ۽ پنهنجي لاءِ "سينيٽ جو شهزادو" جهڙي اعليٰ خطاب کي قبول ڪيائين، جيڪو هميشه محتسب طرفان اُنهن شهرين کي ڏنو ويندو هو جيڪي پنهنجي اهم ڪارنامن يا خدمتن سبب پاڻ کي اهڙي اعزاز جي لائق بڻائيندا هئا. پر هڪ طرف ته سينيٽ جي شانَ کي بحال ڪيائين ته ٻي طرف وري انجي آزاد حيثيت کي برباد ڪري ڇڏيائين. هڪ آزاد آئين جا سونهري اصول اُن وقت دائمي طرح ختم ٿي وڃن ٿا جڏهن قانون سازيءَ جا اختيارَ، انتظاميہ طرفان کنهن کي سؤنپيا وڃن.

آگسٽس هڪ تيار ڪيل تقريرَ، پنهنجي ٿي ٺاهيل ۽ نئين سر جوڙيل اسيمبلي اڳيان پڙهي ٻڌائي جنهن ۾ هن پنهنجي وطن سان محبت جو ڪليو اظهار ڪيو ۽ پنهنجي خواهشن کي ڇاڻي واڻي لڪائي ويو. هن پنهنجي ماضيءَ جي روَيي تي ڏک جو اظهار ڪندي، ان تي معافي ورتي. رشتن جي ويجهائي جي گُهرجَ اها هئي ته هُو پنهنجي پيءُ جي قتل جو بدلو پنهنجي هٿن سان پاڻ وٺي، سندس پنهنجي فطرت جي نيڪي ڪيس ضرورت پٽاندر ٺاهيل سخت قانون آڏو جهڪڻ ۽ سندس بن نالائق سائين جي وچ ۾ بنا مرضي واري تعلق قائم رکڻ لاءِ ڪيس مجبور ڪيو. جيستائين اُٿنئي زنده رهيو، ته هن رياست کي هڪ بگڙيل رومي ۽ بربر راڻيءَ جي حوالي ڪرڻ کان ڪيس منع ڪئي. هاڻي هو پنهنجي مقصد کي تڪميل تي پهچائڻ ۽ پنهنجي ڏيوتي ڏيڻ لاءِ آزاد هو. هن پوري سچائيءَ سان ماڻهن جا توڙي سينيٽ جا قديمي حقَ کين واپس ڏئي ڇڏيا ۽ هاڻي پنهنجي رعيت وارن شهري دوستن جي ميلن ۽ گڏجاڻين ۾ ساڻن ملاقاتون ڪرڻ ۽ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو ۽ اُنهن نعمتن ۾ به حصيدار ٿيڻ چاهيو جيڪي هُن پنهنجي ملڪ لاءِ حاصل ڪيون هيون. [4]

سينيٽ جي مختلف ڪيفيتن ۽ جذبن کي فقط ٽئسيٽَس جو قلم ئي بيان ڪري سگهي ٿو. (ڪاش، جيڪڏهن ٽئسيٽَس هن وقت، هن اسيمبلي جي مدد ڪري ها،) يعني اُهي جذبا جن کي ڏهايو ويو هو يا جيڪي متاثر ڪيا هيا. آگسٽس جي خلوص تي اعتبار ڪرڻ خطرناڪ هو ۽ وري مٿس اعتبار نہ ڪرڻ ايڏا وڏيڪ جو ڪائتو هو. خيالي نموني کوجنا ڪندڙ ماڻهو شهنشاهت ۽ هڪ جمهوريہ جي فائدن بابت پاڻ ۾ ورهايل آهن، رومي رياست جي موجوده عظمت، طور طريقن جي بگڙڻ، سپاهين جي آزادي، شهنشاهت جي پرستارن کي وڏيڪ دليل مهيا ڪيا آهن. ۽ هر ماڻهوءَ جي اُميدن ۽ خوف خطرن جي گڏيل ڪيفيت، حڪومت جي لاءِ ماڻهن جي خيالن کي وري متاثر ڪري ڇڏيو هو. جذبن جي هِن مونجهاري جي سلسلي ۾، سينيٽ جو جواب هڪڙي ۽ ساڳي راءِ وارو ۽ فيصلاڪتو هو. اُنهن آگسٽس جي اسعيفا منظور ڪرڻ کان انڪار ڪيو. هنن ڪيس مِنت ڪئي ته هو اهڙي جمهوريہ کي نہ ڇڏي وڃي جنهن کي هن پاڻ بچايو هو. ڪجهہ سلجهيل نموني جي بحث مباحثي ۽ انڪار ڪانپوءِ نيٽ چالاڪ آمر سينيٽ جو حڪر مڃيو ۽ مئجسٽريٽ ۽ ڪمانڊر جي حيثيت ۾، صوبن جي حڪومتن تورڙي رومي نوجين جي بالا آفيسر جي استقبال ڪرڻ لاءِ هائوڪار ڪئي. پر هو اُنهن جي مرحبا فقط ڏهن سالن لاءِ ڪندو. ان عرصي گذرڻ کان اڳ ۾ به، هن خواهش ڪئي هئي ته شهري ڇڪتاڻ جا زخر پوريءَ طرح سان چُٽي وينڊا ۽ جمهوري ملڪ پنهنجي اصلي طاقت ۽ توانائي

واري حالت تي واپس ٽيندو ۽ ان کي ڪنهن به مئجسٽريٽ جي اجائي ۽ بيجا مداخلت جي ضرورت نه پوندي. هِن مزاحيه ناٽڪ جي ياد، جنهن کي آگسٽس جي زندگيءَ ۾ ڪيئي دفعا ڏهرايو ويو هو، کي وڏي شانَ سان شهنشاهت جي آخري عمر تائين محفوظ ڪيو ويو هو ۽ جنهن سان روم جي شهنشاهن جي لڳاتار سلسلي پنهنجي پنهنجي حڪومت جو ڏهون سال هميشہ ڏاڍ ڏومرسان ملهايو.[6]

رومي فوجن جي جنرل کي، سپاهين تي، دشمنن تي توڙي جمهوريہ جي رعيت تي آمراڻا اختيار حاصل ڪرڻ ۽ اُنهن کي استعمال ڪرڻ جو پورو پورو اختيار هو جنهن ۾ آئين جي اصولن جي پڇڪڙي به نه ٽيندي هئي. جيتري قدر سپاهين جو تعلق آهي تہ روم جي اوائلي دؤر ۾ به، آزاديءَ جي پرپور جذبي، سوچَ جي اُميدن ۽ فوجي نظر ۽ ضبط جي سچي احساس کي اوليت ڏني وئي هئي. هڪ آمر يا هڪ مئجسٽريٽ کي پورو اختيار هو تہ هُو ڪنهن به وقت ڪنهن رومي نوجوان جي خدمتن ونڊ جو حڪر ڏئي پئي سگهيو. ۽ هن سلسلي ۾ ڪنهن جي به طرفان انڪار ڪرڻ يا بزدليءَ سبب حڪمن جي نافرماني ڪرڻ تي، کين سزا جو حڪر به صادر ڪري ٿي سگهيو ۽ اُهي سزائون تمام سخت ۽ ذلت واريون هونديون هيون. جيئن، حڪر نہ مڃڻ وارن کي شهري لسٽ مان سندن نالو خارج ڪيو ويندو هو، يا سندس ملڪيت ضبط ڪئي ويندي هئي يا وري کين وڪٽي ۽ غلاميءَ واري زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيو ويندو هو.[7] آزاديءَ جا تمام مقدس حقَ، جن جي تائيد پورسين ۽ سيمپرونيَن جي قانونن پڻ ڪئي هئي، فوجي چُڀر سبب، رد ٿي ويا. جنرل کي پنهنجي ڪئمپ جي اندر زندگي ۽ موتَ جا لامحدود اختيار هيا. سندس اختيارن جو دائرو ڪنهن به عدالتي تحقيقات ۽ اهڙي قسر جي ڪاروائي جي قانونن جو هرگز محتاج نہ هو. ۽ سزا تي عمل درآمد هڪدم ۽ بنا دير جي ٽيندو هو جنهن ۾ ڪنهن به اپيل يا رحر جي درخواست وغيره جو حق ڪنهن کي به مليل نہ هو. روم جي دشمنن کي ظاهر ڪرڻ جو اختيار قانون ناهيندڙن وٽ هو. اَمن ۽ جنگ جي باري ۾ اهر فيصلن تي سينيٽ ۾ بحث ٽيندو هو ۽ اُهي فيصلا عوام طرفان عزت ۽ آبرو سان منظور ڪيا ويندا هيا. پر جڏهن فوجين جي اسلحي ۽ جنگي سامان کي اٽلي کان ڪنهن پرانهين پنڌَ تي ڪٽي وڇڙو هوندو هو تہ اهڙي وقت ۾ ڪو به قدم، ڪِن به ماڻهن جي خلاف ۽ ڪنهن به طريقي سان، ڪٽڻ جو اختيار خود جنرلن وٽ هوندو هو تہ هو عوام جي مفاد ۽ پلي جي لاءِ پنهنجن اختيارن جو استعمال ڪري پئي سگهيا. اهو انصاف نہ پر سندن مُهر جُوئيءَ جي ڪاميابي هئي جو اُنهن پنهنجي فتح ۽ خوشيءَ جي اعزازن جون اُمنگون ۽ اُميدون دل ۾ زندهہ رکيون هيون. اُن وقت جڏهن سينيٽ جي ڪمشنرن جو ڪو به ضابطو مٽن نٽي هليو، تہ فتح جون خوشيون ملهائڻ لاءِ اُنهن بي انداز آمراڻن اختيارن جو استعمال شروع ڪري ڏنو هو. جڏهن پومپي اوپر ۽ ڪماندر هو تہ هن پنهنجي سپاهين ۽ اتحادين کي انعامن اڪرامن سان نوازيو. شهزادن کي تخت تان لاٿو، بادشاهين کي ورهايو، ڪالونيون ناهيون ۽ مشريبيٽس جا خزانا ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏيا. واپس روم اچڻ تي، هڪ قانوني نقطي جي ذريعي هن پنهنجي سپني عملن ۽ ڪارنامن جي، سينيٽ ۽ عوام کان هڪ دائمي منظوري وٺي ڇڏي.[9] روم جي سپاهين توڙي ان جي دشمنن مٿان اختيارن جو اهو نقشو هو. اُهي اختيار جيڪي يا تہ کين سؤنپيا ويا هيا يا وري جنرل پنهنجي لاءِ پاڻ اختيار ڪري ڇڏيا هيا. اُهي فتح ٽيل صوبن جا ساڳي وقت ۾ گورنر نہ بلڪ شهنشاهَ به هيا، جن شهري ۽ فوجي اختيارن ۽ ميل ميلاپَ کي ڳنڍي ڇڏيو هو. ضرورت مطابق انصاف توڙي ناٽو به سنياليندا هيا ۽ رياست جا انتظامي توڙي قانون سازي وارا ٻئي اختيار، پڻ هڪ ئي وقت تي وٽن هوندا هيا.

هن ڪر جي پهرئين باب ۾ هڪ تجزيو اڳ ۾ ٿي ڪيو ويو آهي ته آگسٽس جي حڪومت ۾ ڪيس جيڪي اختيار ڏنا ويا هيا ته ان سلسلي ۾ فوجين ۽ صوبن بابت ماٿهن جي ڪا راءِ شايد ان وقت قائم ٿي هجي. پر جيئن ته اهو ناممڪن هو ته هُو تمام گهٽين ۽ ڏورانهين سرحدن تي فوجين جي ڪمان خود سنيالي، ته سينيٽ جي وچ ۾ پوڻ تي، جيئن پومپي جي سلسلي ۾ پڻ ٿيو هو، ته ڪيس اجازت ڏني وئي ته هُو پنهنجي وسيع ۽ تمام وڏين ذميدارين کي پلي پنهنجن گهٽن ئي نائب فوجين ذريعي سنيالي ۽ مسئلا نبيري، مرتبي ۽ اختيارن ۾ هي آفيسر ڪنهن به صورت ۾ قديمي مئجسٽريٽن جي عُهدن کان گهٽ نه هئا، پر سندن اسٽيشن يا ڊيوٽي سرانجام ڏيڻ جو هنڌ ٻين تي پاڻيندڙ ۽ ڪجهه جوڪائتو هو. اُهي پنهنجي بالا آفيسر يا ليڊر جي مرضي ۽ اجازت سان ڪميشن ونندا هئا، ۽ ان جي ئي پاڻ واري اثر سبب، سندن ذڪر ڪيل عمل کي قانوني حيثيت ملي ويندي هئي.[10] اُهي شهنشاهه جا نمائندا هوندا هيا. فقط شهنشاهه کي ئي جمهوريت جو جنرل سمجهيو ويندو هو ۽ سندس شهري توڙي فوجي اختيارن جو دائرو، سڄي روم ۾ ماٽيل فتحن تائين پکڙيل هو. ڪنهن حدَ تائين سينيٽ کي اهو اطمينان ضرور هو ته شهنشاهه، پنهنجا ڪجهه اختيار اُن جي ميمبرن جي حوالي ۾ ڪري ڇڏيندو هو. شهنشاهت جا نائبَ، چيف مئجسٽريٽ يا مئجسٽريٽ جي رتبي جي برابر هئا، فوجين کي سينيٽ طرفان حڪم ڏنا ويندا هئا، ۽ مصر جو ڪماندر، هڪ اهڙو معتبر عهدو هو جيڪو "روم جي مُنهندار" جي حوالي ڪيو ويو هو.

جڏهن آگسٽس کي، فراخ دليءَ سان عطا ڪيل انعامَ کي قبول ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو هو ته ان جي ڇهَن ڏينهن اندر هڪ سؤلي قرباني ذريعي هن سينيٽ کي خوش رکڻ جو پڪو عزم ڪري ڇڏيو. هُن، کين گذارش ڪئي ته سينيٽ سندس اختيارَ ان حدَ تائين وڌائي ڇڏيا هيا جو اُنهن کي فقط ضروري ۽ غيرَ جهڙين حالتن ۾ لاڳو ڪيو ويندو آهي. اُن کيس سرحدن ۽ فوجين جي سخت ۽ ڪٺن ڪمان ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ جي اجازت نه ڏني هئي. پر هو اِن ڳالهه تي ضرور زور ڏيندو ته کيس اجازت ڏني وڃي ته هُو پُر امن ۽ مڪمل طرح محفوظ صوبن کي شهري مئجسٽريٽن جي نرم ۽ مائيٽي انتظامي سرشتي جي حوالي ڪري، صوبن جي ورهاست جي سلسلي ۾، آگسٽس پنهنجي طاقت ۽ جمهوريه جي وقار جو پورو خيال رکيو. سينيٽ جا مئجسٽريٽَ، خاص طرح جن کي ايشيا، يونان ۽ آفريڪا ۾ مقرر ڪيو ويو هو، شهنشاهه جي گال ۽ شام جي نائبن جي پيٽ ۾ وڌيڪ عزت ۽ احترام جي نظرن سان ڏٺا ويندا هيا. پهرينَ سان ليڪٽرس يعني رومي مئجسٽريٽ جا نائبَ، جيڪي لَڪٽن جو بنڊل ڪٽي ساٿن گڏ هلندا هئا ۽ پوين سان سپاهي، خدمت ڪرڻ ۽ سندن حڪمن تي عمل ڪرائڻ لاءِ ساٿن گڏجي هلندا هئا. هڪ قانون کي منظور ڪيو ويو ته شهنشاهه سلامت جتي ۽ جنهن به جڳهه تي موجود هجي، ته سندس غير معمولي حقَ ۽ اختيارَ، گورنر جي معمول وارن اختيارن کي ردَ ڪري استعمال ڪيا ويندا. هڪ ڳالهه جيڪا هڪ مجيل رواج بڻجي وئي ته نيُن سوين ۽ ان مان مليل سڀ ڪجهه، شهنشاهي ملڪيت جو حصو بڻجي ويندو، ۽ اهو جلدئي معلوم ٿي ويو ته شهزادي جو اختيار جيڪو آگسٽس جو پسنديده خطاب هو، شهنشاهت جي هر حصي ۾ ساڳيو هو.

سندس طرفان خيالي رعايتن ڏيڻ جي موتَ ۾، آگسٽس کي تمام اَهر حق مليو جنهن ذريعي هُو روم ۽ اٽلي جو مالڪ ۽ مختيار بڻجي ويو ۽ قديمي ۽ مجيل اصولن جي خطرناڪ پيچڪاڻ کندي، اَمن اَمان جي وقت ۾ به گاديءَ جي هنڌ ۾ ڪيس فوجي ڪمان ڪرڻ جو، اختيار ڏنو ويو جنهن ۾ سندس معاونت لاءِ بيشمار محافظ به شامل هئا. حقيقت ۾ سندس حڪم انهن شهرين تائين محدود هو جن کي پهريون قَسر ڏٺي پوءِ فوجي نوڪريءَ ۾ شامل ڪيو ويو

هو. پر رومين جي، غلاميءَ سان ايڏي ته رغبت ٿي وئي هئي جو مٿجسٽريٽن، سينيٽرن، گهوڙيسوار فوجين پاڻمرادو اهڙو ٽسر ڪنيو ۽ اهو خوشامد وارو ٽسر وقت سِر خود بخود فرض شناسي واري مقدس ۽ حلفيہ وفاداريءَ ۽ بدلجي ويو جيڪو هر سال باقاعدگيءَ سان ورتو ويندو هو.

آگسٽس توڙي جو فوجي طاقت کي هڪ اهر بنياد تصور ڪندو هو پر هن وڏي عقلمنديءَ سان ان کي حڪومت ڪرڻ لاءِ نفرت جوگو سمجهي رَد ڪيو. اهو سندس فطرت ۽ پاليسيءَ جي عين مطابق هو ته هُو فوجي طاقت جي بجاءِ عدل ۽ انصاف جي قديمي ۽ سماجي اختيارن جون ڏِڙيل پکڙيل سيئي خوبيون پنهنجي ذات ۾ جمع ڪري. اهو خيال ذهن ۾ رکندي هن سينيٽ کي اها اجازت ڏني ته هنکي هڪ ايلچي[11] ۽ مٿجسٽريٽ[12] جا اختيار سندس پوري زندگيءَ لاءِ ڏنا وڃن. جيڪي پوءِ ساڳي طريقي سان سندس جانشينن کي پڻ سؤنپيا ويا. ايلچي، روم جي شهنشاهن جا جانشين هٿا ۽ رياست جي وقار جا نمائندا هٿا. اُهي مذهبي تقريبُن جي نظرداري ڪندا هٿا. فوجي پرتيون ڪندا هٿا ۽ فوجين کي حڪر جاري ڪندا هٿا. ٻاهرين ملڪن جي سفيرن کي ملاقات جو شرف بخشيندا هٿا. ۽ سنيٽ توڙي عوامي اسيمبلين جي صدارت ڪرڻ جون ذميواريون پڻ سنڀالينداهيا. خزاني ۽ مالي معاملن جو ضابطو ۽ سنڊن سنڀال هيٺ رکيو ويو هو. توڙي جو وٽن ايترو وقت نہ هو جو هُو ذاتي طرح ماڻهن سان انصاف ڪرڻ جا معاملا نبيرين. پوءِ ۽ ڪين قانون، انصاف، ۽ مجموعي امن امان بحال رکڻ جو عظيم محافظ سمجهيو ويندو هو. اهو سنڊن معمول جي اختيارن جو دائرو هو. پر جڏهن ۽ سينيٽ پهرئين مٿجسٽريٽ کي گڏيل رياست جي حفاظت جي سلسلي ۾ صلاح مشوري جا اختيار ڏنا، ته سندس مرتبو قانوني نقطي جي ذريعي، خود قانونَ کان ۽ مٿاهون ڪيو ويو ۽ آزاديءَ جي حفاظت لاءِ هن کي هڪ عارضي آمِرَ[13] جا اختيار استعمال ڪرڻا پيا. مٿجسٽريٽن جو طريقو يا ڪردار هر لحاظ کان ايلچين (يا سفارتي عيوضين) کان ڪافي مختلف هو. پهريَن جو ڏيڪُ اعتدال پسنديءَ ڏهڻائيءَ وارو هو پر اُنهن جو وجود مقدس مضبوط ۽ پڪو پختو هو. سنڊن طاقتَ، عمل ڪرڻ جي مقابلي ۾ مخالفت لاءِ زياده موزون هئي. سنڊن ڪرادر هڪ اداري وانگر هو ته مظلومن جي حفاظت ڪجي، مجرمن کي معاف ڪجي، عوام دشمن ماڻهن کي عدالت جي ڪٺهڙي تائين آڻجي، ۽ جڏهن ۽ اُنهن ضرورت محسوس ڪئي ته حڪومت جي پوري نظام کي فقط هڪ لفظ چوڻ سان بند ڪري ٽي سگهيا. جيستائين جمهوريہ زنده هئي ته ايلچي توڙي مٿجسٽريٽ جي خطرناڪ اَثر رسوخ، جيڪو هنن جي پنهنجي پنهنجي اختيار جي دائري جو هو، پابنديون لڳائي تمام گهٽو گهٽايو ويو هو. سنڊن اختيار ان سال ئي ختم ٽي ويو هو جنهن سال ڪين اليڪشن ۾ چونڊيو ويو هو. ايلچي جو عهدو ٻن ۾ ورهايو ويو، ۽ مٿجسٽريٽ جو ڏهن ماڻهن ۾، ۽ ٻئي پنهنجي ذاتي توڙي حڪومتي ڳالهين ۾ هڪ ٻي جا مخالف هٿا. پاڻ ۾ اُنهن جي اختلافن ۽ جهڳڙن، آئيني توازن کي، گهٽي ڳاڻي، ڪمزور ڪرڻ جي بجاءِ وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم بٹائي ڇڏيو هو. پر جڏهن، ايلچي (يا سفارتي نمائندي) ۽ مٿجسٽريٽ جون طاقتون پاڻ ۾ گڏجي هڪ ٽي ويون، ۽ جڏهن ايڏا اختيار هڪڙي ماڻهوءَ کي هميشہ لاءِ ڏنا ويا، ۽ جڏهن فوج جو جنرل، ساڳي ٽي وقت ٽي سينيٽ جو وزير ٻہ هجي ۽ روم جي ماڻهن جي نمائندگيءَ جو اختيار ٻہ ان ساڳئي ماڻهوءَ وٽ هجي ته پوءِ ان جي اختيارن کي روڪڻ بلڪل نا ممڪن هو ۽ نہ وري سندس شاهي عهدي جي حقَ جي حَدُن جو تعين ڪرڻ ٻہ ڪنهن جي وسَ جي ڳالهہ هئي.

هيترن سارن رُتبن جي هڪ جڳهہ تي گڏ ٿيڻ جي باوجود، آگسٽس، مُکيہ پادري ۽ محتسب جا شاندار ۽ تمام اهر عهدا ۽ اعزاز ٻہ پاڻ وٽ رکيا. پهرئين جي ذريعي هن مذهبي معاملن جو انتظام سنڀاليو ۽ پوئين عهدي جي وسيلي هن رومي ماڻهن جي هَلت چَلت، طور طريقن ۽ قِسمتن جي معاملن جي قانوني

نظرداري رکڻ جي ذميداري سنياليِ. جيڪڏهن هيترا سارا بيحد نُمايان ۽ خود مختياريءَ وارا اختيارَ هڪ ٻئي سان ايڪي ۽ بَڏيءَ ۾ نٽي رهي سگهيا تہ سينيٽ جي مهرباني ۽ کشاده دلي هر کمي يا کوتاهيءَ کي پوري کرڻ ۽ اڃا بہ وڌيڪ ۽ غير معمولي رعايتون ڏيڻ لاءِ تيار هئيِ. شهنشاهَ، جن کي جمهوريہ جا پهريان وزير چوَرائيٽ جو بہ اعزاز مليل هو، ذميدارين، پابندين ۽ ڏنڊَ پرڻ جهڙن آزاريندڙ قانونن کان صفا آجا هيا: کين اختيار هو تہ سينيٽ جو اجلاس کنهن بہ وقت سڏرائي وٺن، ساڳي ڏينهن تي کيترين ئي رِٽون پيش ۽ پاس کرائي سگهن، رياست جي وڏن اعزازن لاءِ کنهن بہ اُميدوار لاءِ سفارش کري سگهن، شهر جون حَدون وڌائي پئي سگهيا، مال دولت پنهنجي مرضيءَ مطابق خرچ کري ٽي سگهيا، کنهن بہ وقت اَمن ۽ جنگ جو اعلان کري پئي سگهيا، اڳ ۾ ٽيل معاهدن کي اڳتي وڌائي ۽ ان جي منظوري ڏيڻ جا مالکَ ۽ مختيار هئا، ۽ هڪ انتهائي اهر ۽ جامع قانوني شِقَ ذريعي، کين اُهو سيکجهہ کرڻ جو بہ پورو پورو اختيار هو جيکو کجهہ، هُنن شهنشاهت جي پرپور فائدي لاءِ مناسب ٽي سمجهيو، ۽ جيکو فطري تورِّي مقامي تقاضائن جي مطابق بہ هو پوءِ اُهو کر يا عمل کٽي ذاتي هجي يا حکومت جو، انساني هجي يا قدرتي[14] پر هر حال ۾ شهنشاهت جي مفاد ۾ ان تي عمل کرڻو هو.

جڏهن هڪ انتظامي حکومت جا مختلف ۽ سارا اختيارَ شهنشاهت جي مٿجسٽريٽ جي حوالي کيا ويا تہ گڏيل حکومت جا ويچارا عام قسم جا مٿجسٽريٽَ پريشانين جي ور چڙهي گمنامي ۾ هليا ويا. نہ ويچارن وٽ کرڻ لاءِ کو کر کار هو ۽ نہ وري وٽن کو جوش جذبو باقي رهيو هو. قديمي انتظامي معاملن جا نالا ۽ نمونا آگسٽس تمار گهٽي خبرداريءَ سان محفوظ کري ڇڏيا هيا. ايلچين، مٿجسٽريٽن ۽ جَجن جي تعداد کي هر سال پنهنجي عهدي جو نشان ڏنو ويندو هو[15] ۽ انتهائي غير اهر کرَ کرڻ جي ڏيوٽي کين ڏني وئي هئي. سڄي ڇمار لاءِ ايلچي يا سفارتي عهدي رکڻ جي باوجود، رومِ جي ماٿن تورِّي خود شهنشاهن جي دلين ۾ اُنهن اعزازن جي اجائي خواهش پيدا ٽي پئي تہ کنهن طرح اهو سالياڻو مرتبو کين ملي جنهن جي حاصل کرڻ لاءِ هنن کي تمار گهٽي خواهش هئي ۽ جنهن لاءِ هُو هيٺاهين درجي تي اچي پنهنجي پڙهيل لکيل ۽ معتبر شهرين سان گڏجي اُنهن اعزازن ۾ حصيدار ٽي پيا. [16] آگسٽس جي حکومت ۾ مٿجسٽريٽن جي چُونڊن دوَران ماٿهن کي عام اجازت ڏني وئي تہ هو پلي چُڙواڳ جمهوريت جي اُوٽاين بابت کُلي ۽ وڏي واکي ڳالهائين. هِن چالاک شهزادي پنهنجي طرفان کنهن بہ بي صبريءَ جو رتيءَ ماتر بہ مظاهرو نہ کيو. ڏاڍي نماڻائيءَ سان پنهنجي تورِّي پنهنجي دوستن جي لاءِ وڻٽن وڻڻ جي مُهر کي جاري رکيو ۽ هڪ عام رواجي اُميدوار[17] جيان ماٿهن وٽ ويو ۽ پنهنجي ڏيوٽي بہ باقاعدگيءَ سان ادا کندو رهيو. پر اسان اهو ٻڌائڻ تا گهرون تہ چُونڊن جي نتيجي ۾ ٺهندڙ حکومت جي کائونسلن پهريون کر اهو کيو تہ اليکشنن جو پورو نظام سينيٽ [18] جي حوالي کيو ويو. ماٿهن جون اسيمبلون هميشہ لاءِ ختر کيون ويون ۽ شهنشاهن کي ماٿهن جي خطرناڪ هجومن کان بہ بچايو ويو، جيکي آزادي جي فضا کي بهتر بنائڻ جي بجاءِ نہ رڳو سڄي ماحول کي بگاڙڻ جو کر کن ها پر هڪ مستحکر حکومت کي ڌاهڻ جو خطرو بہ پيدا کري ڇڏين ها.

پاڻ کي ماٿهن جي مٿجسٽريٽن جا اختيار ڏئي، ماريَس ۽ سيزَر حقيقت ۾ پنهنجي ملک جي آئين کي تباهہ کري ڇڏيو هو. پر جيئن ئي سينيٽ جي مرتبي ۽ اختيارن کي کافي حد تائين گهٽايو ويو، تہ هڪ اهڙي اسيمبلي جنهن ۾ پنجن کان ڇهَ سؤ ماٿهو هجن، حکومت کرڻ جو هڪ مُوثر ۽ کار آمد طريقو نظر اچڻ لڳو. آگسٽس ۽ سندس جانشينن، سينيٽ جي وقارَ کي نظر ۾ رکندي پنهنجي نئين شهنشاهت ڏاهي هئي، ۽ اُنهن هر موقعي تي اميرن

۽ مالدارن جي هولي توڙي سندن اصولَ اختيار ڪرڻ لاءِ ماڻهن تي اثر انداز ٿيڻ جي ڪوشش پئي ورتي هئي، پنهنجن اختيارن کي استعمال ڪرڻ جي سلسلي ۾ هُو اڪثر مٽاهين قومي ڪائونسل سان صلاح مشورو ڪندا هئا ۽ گهٽو ڪري اَمن ۽ جنگ جي نازڪ مسئلن جي سلسلي ۾ قومي ڪائونسل ڏانهن معاملن کي رجوع ڪري اُتان ئي فيصلا حاصل ڪندا هئا. روم، اٽلي ۽ اندريان صوبا، سينيٽ جي اختيارن جي دائري ۾ هئا. شهري ڳالهين ۽ مسئلن جي سلسلي ۾ سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ڪبي هئي. جيتريقدر ڏوهن جا معاملا هيا تہ اُهي ٽربيونل ۾ نبيرڻ لاءِ پيش ڪيا ويندا هئا يعني اُهي ڏوهَ جيڪي ڪنهن بہ عوامي جاءِ يا جڳهہ تي ٿيندا هيا يا جن سان روم جي ناموس تي اَثر پوَندو هو يا مُلڪي امن امان ۾ ڪا گهاريِ پئجي ويندي هئي. عدالتي اختيارن جو استعمال گهٽو ئي ويو ۽ اهائي سينيٽ جي وڏي ۾ وڏي ۽ انتهائي اهم ذميواري بنجي وئي ۽ جيڪي سبَب يا دليل اُنهن جي آڏو بيان ڪيا ويندا هيا تہ ائين لڳندو هو تہ ڳالهائڻ جي فنَ ۽ انجي فصاحت ۽ بلاغت جي رُوحَ کي جڙ سُڪَ سان ساهَ کٽڻ جو ڪو آخري اَجهو ملي ويو هجي. رياست جي ڪائونسل ۽ انصاف جي عدالت هڻڻ جي ناتي سان سينيٽ کي تمام گهٽا حقَ حاصل هئا. پر قانونَ سازيءَ جي معاملن ۾ ان کي هر صورت ۾ عوام جي نمائندگي ڪندڙ ادارو تصور ڪيو ويندو هو ۽ حڪمرانيءَ جي اعليٰ اختيارن کي اسيمبليءَ وٽ هجڻ کي ئي بهتر سمجهيو ويو هو. هر طاقت جو سرچشمو سندن اعليٰ اختيارَ هوندا هيا ۽ هر قانون تڏهن عمل ۾ ايندو هو جڏهن ان تي منظور هُڻڻ جي مُهرَ لڳندي هئي. سندن باقاعدگيءَ واريون ڳڻاٽيون هر مهيني جي ٽن مقرر ٽيل ڏينهَن تي ٿيندڙون هيون، يعني ڪئلينڊس، نونس ۽ آئيڊس (Calends, Nones & Ides) جيڪي رومي ڪئلينڊر جي حسابَ سان مقرر ٽيل ڏينهن هئا. بحث مباحثا آزاديءَ سان ۽ مانائتي ماحول ۾ ٿيندا هيا ۽ خود شهنشاهَ جيڪي پاڻ کي سينيٽر سڏرائي خوش ٿيندا هيا، اهڙين محفلن ۾ وڃي ويهندا هيا، ووٽ ڏيندا هيا ۽ پنهنجن ساڳي مرتبي وارن ماڻهن سان لَهَ وِچڑ ۾ اچي هڪ ٿئي جي ويجها ٿي رهندا هئا.

هڪ شهنشاهي حڪومتَ جي سرشتي کي جيڪڏهن ٽورڙن لفظن ۾ بيان ڪجي تہ انکي مڪمل آمراڻو ۽ موروثي حاڪميت جو نالو ڏئي سگهجي ٿو جيڪا گڏيل مالڪيت جي آڙَ ۾ ٿهي هجي. هي سرشتو آگسٽَس قائم ڪيو. اُنهن شهزادن ان کي پالي نِپائي اڳتي وڌايو هو جنکي عوام جي دلچسپيءَ سان گڏ پنهنجي مفاد جر بہ گهٽو اونو هو. رومي دنيا جي مالڪن جي تختَ کي هر طرف کان اُونداهي وکوڙي ويئي هئي. اُنهن پنهنجي زوردار قوتَ کي لڪايو. وزارتن جا عُهدا پاڻ ئي اختيار ڪري پوءِ ڏاڍي نماڻائيءَ سان پاڻ کي اهڙا وزيرَ ظاهر ڪيائون جن کان سينيٽ پڇاڻو يا جواب طلبي ڪري پئي سگهي، ۽ جنهن جا حُڪر ۽ فيصلا بہ خود ئي لکرائيندا هئا ۽ پوءِ پاڻ ئي اُنهن کي مڃيندا هئا. [19]

عدالت جو ڏيکُ ۽ وهنوار بہ انتظامي روَين سان مطابقت رکندڙ هو. شهنشاهہ گهٽو ڪري ظاهري شان شوکت کي پسند نہ ڪندا هئا تہ متان سندن عوام جي دِل آزادي ٽئي، ۽ سندن طاقت کي بہ ڪو خاص فائدو نہ ٽئي، سواءِ اُنهن آمِرن جي جن جون وَهمي عادتون ۽ فضول حماقتون قدرت جي هر قانون ۽ شائستگيءَ جي پڇڙي ڪنديون هيون. زندگي جي هر شعبي ۾ هو پنهنجي رعيت جي ماڻهن سان ملڻ ۽ گڏجڻ جي سلسلي ۾ هر مونجهاري کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ اُنهن ڏي اچڻ وڃڻ يا وِندر وِرونهَن ۾ شريڪ ٿيڻ ۾ ساڻن برابري ۽ هڪ جهڙائيءَ جو ورتاءُ ڪندا هئا. سندن عادتون، اُنهن جو محل، سندن ٽيبل ۽ سيڪجهہ، فقط شاهوڪار ۽ وڏن رتبن وارن سينيٽرن جي پسند مطابق هو. سندن ڪُتنب توڙي جيترو وڏو يا شاندار هجي، پر ان ۾ رڳو غلامَ ۽ آزاد ڪيل ماڻهو هوندا هيا.

پنهنجن گهرَن يا شهنشاهن جي سُمهڻ يا آرام ڪرڻ وارن خاص ڪمرن ۾ حقير طبقي جي ماڻهن کان نيچ قسم جي ڪمن وٺڻ لاءِ مقرر ڪرڻ تي آگسٽس يا تراجن جا مُنهَن ته شرمساريءَ ۽ ڪاوڙ مان ڳاڙها ٿي وڃن ها ۽ خاص طرح ان ڳالهه تي ته برطانيه جي معزز خاندانن جا ماڻهو پنهنجن ٻي نوڪرن چاڪرن کي منٽون ۽ گذارشون ڪندا هئا.

شهنشاهن کي معبود [12] بنائڻ جو عمل فقط هڪڙوئي اهڙو مثال آهي جنهن سبب شهنشاهه پنهنجي مڃيل معتبري، دانائي ۽ سنجيدگيءَ کان هٿي ۽ پري ٿي ويا هيا. هن سلسلي ۾ ايشيا جا يوناني رهواسي پهريان موڊد هيا، سڪندر جا جانشين وري اُهي پهريان ماڻهو هُيا جيڪي ذليل ۽ ڪريل قسم جي خوشامد ۽ چاپلوسيءَ ۾ سڀني کان گوءِ ڪڍي ويا هيا. خوشامد جي اها رسم جلد ئي شهنشاهن کان منتقل ٿيندي ايشيا جي گورنرن تائين پهتي، ۽ روم جا مئجسٽريٽ قربان گاهن، مندرن، مذهبي رسمن ۽ قربانين [22] جي ظاهري شان شوڪت سميت. صوبن جي سطح تي ديوتائن جي حيثيت ۾ اڪثر پُوڄجڻ لڳا. اهو بلڪل فطري هو ته شهنشاهه ڪنهن به اهڙي ڳالهه کان انڪار نه ڪري سگهيا جيڪو مئجسٽريٽن اڳ ۾ ئي قبول ڪري ڇڏيو هو. ۽ خدائي اعزاز جيڪي ٻنهي کي صوبن طرفان مليا هيا، اُنهن، روم جي غلاميءَ جي بجاءِ آمريت جي تصديق ٿي ڪئي. پر فاتحن جلدئي پنهنجي فتح ٿيل قومن جي چاپلوسيءَ جي ڪارنامن جي ڪاپي ڪرڻ شروع ڪري ڏني، ۽ پهرئين سيزر جي حاڪماڻي ذهنيت، پنهنجي زندگيءَ ۾ "روم جي ديوتائن جي نگهبانَ" جو لقب وٺڻ لاءِ آسانيءَ سان پنهنجي رضا مندي ڏيکاري. سندس جانشين جي نرم مزاجيءَ* ان خطرناڪ روَش کي اختيار ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ سواءِ ڪئليگيولا ۽ ڊوميٽين جي چريائپ جي، ٻي ڪنهن به اهي اعزاز نه ورتا. آگسٽس ڪجهه صوبائي شهرن کي البت اها اجازت ڏني ته سندس مانَ ۾ ڪجهه مندر پلي تعمير ڪن، پر شرط اهو هو ته روم جي عبادت ان جي حڪمران سان منسوب هجي، هن ذاتي وهمن وسوسن کي به برداشت ڪيو جنهن ۾ هو خود به شايد شريڪ هجي [23]، پر هو گهٽو ڪري ان ڳالهه ۾ خوش هو ته سندس ڪردار اهڙو ضرور هو جو سينيٽ ۽ روم جا ماڻهو سندس عزت ۽ احترام ڪندا هئا، ۽ هن وڏي سياڻپ ۽ دانشمنديءَ سان پنهنجي عوامي پوڄا جو معاملو پنهنجي جانشين جي حوالي ڪري ڇڏيو ته پنهنجي مرضيءَ مطابق هُو اهڙا نازڪ معاملا پاڻ نبيري، هڪ رواج کي باقاعدگيءَ سان رائج ڪيو ويو ته هر شهنشاهه جيڪو پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ نه ته هڪ آمر جيان زندهه رهيو هو ۽ نه وري مرڻ وقت ان جو شمار آمرن ۾ هو ته سينيٽ، پنهنجي پُروقار فرمان ذريعي، ان شهنشاهه جو نالو ديوتائن جي صف ۾ شامل ڪري ڇڏي ۽ ان جي ڪفن دفن جي وقت تي، سندس ديوتا هئڻ جي رسم کي ملهايو وڃي. هي غير منصفاڻو ۽ توهين آميز قانوني نقطو، جيڪو جيئن ظاهري طرح نظر ۾ اچي ٿو، سخت بچان ڏيارينڊ ۽ اسانجي اصولن جي بلڪل خلاف هو. گهٽن خدائن کي مڃڻ وارن طرفان ان خلاف هلڪي سُس پُس ۽ ناراضگيءَ [24] جو اظهار ڪيو ويو، پر پوءِ ان کي مذهب جي حيثيت سان نه ۾ هڪ پاليسي واري اداري جي حوالي سان قبول ڪيو ويو. اسانکي هرڪيولس ۽ جوپيٽر جي براين سان پيٽ ڪندي، ائٽوننز جي چڱاين جي بيعزتي نه ڪرڻ گهرجي. سيزر ۽ آگسٽس جا اخلاق ۽ ڪردار به مشهور ديوتائن جي مقابلي ۾ تمام گهٽا سُنا ۽ تعريف جوڳا هئا، پر پهرين جي بدقسمتي اِها هئي جو هُو هڪ روشن دؤر ۾ رهيا هئا، پر سندن هر عمل پٽر تي نقش جيان رڪارڊ ٿيل هو، تنهنڪري کاٻ انساني يا ڳجهي ڳالهه جيڪا عام ماڻهن جي سوچَ ۽ سمجهَه ٻاهر ڪين ڪُڪندي هئي ته انکي به مڃڻ ۾ دير کو نه ڪندا هئا. قانون مطابق سندن خدائيءَ واري حيثيت قائم ٿيڻ شرط ئي اُها چڻ انڌاري جي پردن

پٹيان وجي ماڻهن کان صفا وسري وئي، جنهن نہ تہ سندن شهرت کي رتيءَ ماتر فائدو پهچايو ۽ نہ ئي وري سندن جانشين شهزادن جي وقار ۾ ڪو واڌارو ڪيو.

شهنشاهي حڪومت بابت وِيچارَ وندينديِ اسان ڪيترائي پيرا هڪ چالاڪ پايو وجهندڙ يا بانيءَ جو ذڪر ٿئي ڪيو آهي. جيڪو جڳ مشهور لقب آگسٽس سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو پر اهو خطاب تيستائين ڪيس نہ مليو هو جيسنائين عمارت پوريءَ طرح ٺهي راس نہ ٿي هئي. آڪٽوئينس جو اَڍ ڇڙو نالو هڪ هيٺاهين درجي جي ڪُٽنب منجهان مٽس پيو جَيڪو آفريڪا جي هڪ نندڙي شهر ۾ رهندو هو. ان تي قتل جي رَت جي نشانن جا الزام هٽا ۽ سندس خواهش هئي تہ جيڪڏهن اهو ممڪن هجي تہ سندس پوئين زندگيءَ جي ياد کي ميساريو وڃي. هوڏانهن وري هڪ آمِرَ جي اختيار ڪيل پَٽ پنهنجي لاءِ سيزر جو لقب چُونديو هو پر هو تمام گهٽو عقلمند هو جو اُميد ڪيائين تہ يا تہ ڪيس شڪست اچي يا وري سندس تمنا هئي تہ هو ان غير معمولي شخص سان برابري ڪري سگهي. سينيٽ ۾ تجويز پيش ڪئي وئي تہ منِسٽر جي مرتبي کي نئين لقَب سان مٺاهون ڪيو وڃي، ۽ تمام ڊگهي ۽ غور طلب بحث مباحثي ڪانپوءِ، تمام گهٽن منجهان، آگسٽس جو نالو چونديو ويو جنهن کي ملڪ جي امن ۽ وقار قائم ڪرڻ ۽ انکي برقرار رکڻ جو اڪيلو ۽ نهايت ئي معتبر نمائندو تسليم ڪيو ويو. انکري آگسٽس هڪ شخصيت جو نالو هو ۽ سيزر هڪ ڪُٽنب جو، اهو ئي ٻنهي ۾ فرق هو. پهريون هڪ شهزادي جي حيثيت ۾ هي جهان ڇڏي ويو يعني ان خطاب سان جيڪو ڪيس ڏنو ويو هو ۽ پوئين جي سُجاڻپ. هڪ اختيار ڪيل پَٽ ۽ عورتن سان دوستيءَ جي هئي، نيرو آخري شهزادو هو جيڪو جُولين جي خانداني اعزازن حاصل ڪرڻ جي موروثي دعويٰ ڪرڻ جو پاڻ کي حقدار سڏائي ٿي سگهيو، پر سندس موت جي وقت تي، سڃي صديءَ جي روايت، سيني خطابن ڪي شهنشاهي مانَ مرتبي ۽ وقار سان مضبوطيءَ سان جڪڙي ۽ ڳنڍي ڇڏيو هو ۽ شهنشاهت جي لڳاتار سلسلي رومي، يوناني، فرانسيسي ۽ جرمني جي شهنشاهن، جمهوريہ جي خاتمي کان وٺي اڄ ڏينهَن تائين اُنهن اعزازن کي پاڻ وٽ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. هڪ انفراديت کي بهرحال جلد ئي رائج ڪيو ويو. آگسٽس جي مقدس خطاب کي هميشہ واسطي حاڪَر جي لاءِ چونديو ويو. جڏهن تہ سيزر جو نالو ذهني ڪشادگيءَ سان سندس عزيزن جي حوالي ڪيو ويو، ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڊرئن جي حڪومت کان وٺي اهو اعزاز رياست جي ٻي ماڻهوءَ کي بہ عطا ڪيو ويو جيڪو سيني جي نظر ۾ اهڙو هجي جنهن کي شهنشاهت جو امڪاني وارث ڪوٺي سگهجي.

هڪ آزاد آئين جي لاءِ آگسٽس جي دل ۾ ڇو ڪا عزت ڪانہ هئي، جنهن کي هُن تباهہ ڪري ڇڏيو هو. هن ڳالهہ کي فقط تڏهن چڱيءَ طرح سمجهائي سگهجي تہ جڏهن هن چالاڪ آمِرَ جي ڪردار ۽ خاصيتن جو چڱيءَ طرح مطالعو ڪجي: لڏو دماغ، سنگدل ۽ طبيعت جو بزدل انهن تن عنصرن کيس 19 سالن جي ڇمار ۾ منافقت جي لباس پائڻ تي آماده ڪيو جنهن کي پوءِ هن سڃي زندگي پاڻ تان نہ لاٿو. ساڳئي هڏَ سان ۽ شايد ساڳي طبيعت سان هن سِسيرو جي قتل جي فتويٰ لِکي ۽ سِنا جي دفاع نامي تي پڻ صحيح ڪئي، سندس سُٹايون تورِي خرابيون ٿئي مصنوعي هيون، ۽ سندس طبيعت جي مختلف لاهن چاڙهن مطابق، هُو رومي دنيا جو، پهريون تہ دشمن لڳندو هو پر پوءِ آخر ۾ دشمن مان بدلجي روم جو بابو بڻجي ويندو هو.[26] جڏهن هن شهنشاهي اختيارن بابت هڪ هوشياريءَ وارو سرشتو ٺاهيو، تہ سندس اعتدال پسنديءَ جو روَيو سندس اندروني خوف باعث هن اختيار ڪيو هو. هن ماڻهن کي، شهري آزاديءَ جي، ۽ فوجن کي شهري حڪومت جي تصور سان دوکو ڏيڻ ٿئي چاهيو.

1. سيزر جو موت هميشہ سندس اکين اڳيان هوندو هو. هن پنهنجي پوئلڳن تي اعزازن جا انبارَ ۽ دولت جا ڍيرَ خرچ کيا هيا پر سندس چاچي جا دلپسند دوستَ، سازشين جي ٽولي سان گڏ هٿا. سندس فوجين جي وفاداري، ڪنهن بہ ڪليل بغاوت خلاف، سندس اختيارن جي حفاظت ڪري پئي سگهي، پر سندن سخت پهريداري يا خبرداري بہ سندس ذات کي اُن خنجر جي وارَ کان محفوظ نہ پئي ڪري سگهي جيڪو اُن کي سندس خلاف استعمال ڪرڻ جو پڪو پَهُ ڪري آيو هجي. ۽ روم جي ماڻهن جِن بروٽس (Brutus) [27] کي عزت سان ياد رکيو هو، تہ ان عَمل جي ورجائيندڙ کي يقيني طور تي هُو تاڙيون وڄائي داد ڏيندا ۽ کيس ساراهيندا. سيزر پنهنجي مقدر کي پنهنجي خلاف پاڻ چيڙائي ڇڏيو هو جو هن پنهنجي طاقت ۽ وِتَ کان وڌيڪ ان جو ڏيکاءُ ڪيو هو. ڪونسل يا مئجسٽريٽ شايد سانت ۽ سڪونَ ۾ حڪومت ڪري ها. شهنشاهہ جي خطاب اختيار ڪرڻ کانپوءِ، روم جا ماڻهو سندس زندگي ختم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا هيا. آگسٽس تمام عقلمند هو، کيس خبر هئي تہ انسانذات تي، رڳو نالن جي مَٺ سَٺ سان، اختيار هلائبو آهي، نہ وري هُن پنهنجي اُميدن کان دوکو کاڌو هو تہ سينيٽ ۽ روم جا ماڻهو وري غلاميءَ جو طوق پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهندا، پر شرط اهو هو تہ کين عزت ۽ آبرو منديءَ سان يقين ڏياريو وڃي تہ سندن پنهنجي ساڳي قديمي آزادي جيئن جو تيئن کين حاصل هئي، هڪ ڪمزور سينيٽ ۽ ناتوان ۽ نِهٻل ماڻهو سرهائيءَ منجهان ان خوش ڪندڙ فريب کان تيستائين مطمئن هٿا، جيستائين ماڻهن جي گُٽن، ۽ آگسٽس جي جانشينن جي دوراندیشيءَ جي کين حمايت حاصل هئي. اهو آزاديءَ جو اصول نہ پر خود - حفاظتيءَ جو مقصد هو جنهن ڪجهہ ماڻهن کي ڪٽليگولا، نيرو ۽ ڊوميٽين خلاف سازشون ڪرڻ تي آماده ڪيو. اُنهن شهنشاهَ جي اختيار کي پنهنجي وارَ جو نشانو نہ بنايو هو پر هنن هڪ اهڙي شخص تي حملو ڪيو جيڪو فقط هڪ آمِر هو.

هتي هڪ يادگار موقعي جو ذڪر بہ ڪجي جنهن ۾ سينيٽ ستر سالن جي سانت ۽ صبر کانپوءِ، گهٽي وقت کان وساريل پنهنجي حقن کي ٻيهر بحال ڪرڻ جي هڪ ناڪام ڪوشش ڪئي، ڪٽليگولا جي قتل کان پوءِ جڏهن تخت خالي ٿيو تہ مئجسٽريٽن، جُو پيٽر ديوتا جي مندر ڪئپيٽول ۾ اسيمبلي جو اجلاس سڏاريو، سيزر جي ياد کي نِنديو ويو، چُپ چاپ ۾ ماڻهن جي ڪجهہ اهڙن ٽولن کي آزادي ڏنائون جيڪي مجبوريءَ مان سندن ساٿ ڏيندا هٿا ۽ اَڻن ۽ چاليهن (انيتاليهن) ڪلاڪن ۾ گڏيل ملڪيت جي خود مختيار مُنهندارن طور پنهنجا اختيارَ استعمال ڪرڻ لڳا. سندن ڳالهيون اڃا جاري هيون تہ هوڏانهن شهنشاهہ جي محافظن هڪ فيصلو ڪري ورتو. بيوقوف ڪلاڊيَس، جرمئينيڪَس جو پاءُ، اڳيئي سندن ٽولي ۾ شامل هو، کيس رنگ برنگي شاهي وردي پاتل هئي ۽ هٿيارن جي زور تي سندس الیڪشن ۾ حمايت ڪرڻ لاءِ تيار هو. آزاديءَ جي خواب جي ساڃيان تہ آخر ۾ ملٽي هئي، تنهنڪري لازمي غلاميءَ جي امڪاني زنجيرن ۾ جڪڙجڻ خلاف سينيٽ ڪجهہ سڃاڳيءَ جو مظاهرو ڪيو. ماڻهن جي چڙي وڃڻ ۽ فوجي طاقت جي خوف کان ڪمزور اسيمبلي، شاهي محافظن جي ان تجويز کي مجبوريءَ مان منظور ڪري ڇڏيو تہ عام معافي جي فائدن کي قبول ڪيو وڃي جنهن جو اعلان ڪلاڊيَس، دوراندیشيءَ مان ڪيو هو ۽ دل جي ڪشادگيءَ مان پنهنجي اعلان کي وقار [28] پڻ بخشيو هٿائين.

II . فوجين جي گستاخي واري رويي ۾، آگسٽس کي تمام وڏن خوفن ۽ خطرن جي گهنٽي وڄندي محسوس ٿي. شهرين جي نِراسائي بہ فوجين جي طاقت کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ پئي ڪري سگهي جيڪي ڪنهن بہ وقت ڪجهہ بہ ڪري ٿي سگهيا. ماڻهن تي سندس پنهنجا اختيارَ بہ ڪيڏا نہ غير يقيني هيا جن کي هر ڇڪي ۽ سماجي ڪرَ جي

پڇڪڙي ڪرڻ جي ٻاڻ ئي ترغيبَ ڏني هيائين. هن سندن بغاوت جا آوازَ ٻڌا هئا، انڪري سندن خاموشي واري سانت کا بيحد خوفزده هو. هڪڙو انقلاب ته بيشمار انعامن اڪرامن جي برسات وسائڻ سبب خريد ڪيو ويو هو پر هيو انقلاب ممڪن هو ته اُنهن انعامن جي تعداد کي ٻيڻو ڪري ڇڏي. فوجن جو سيزر ۽ سندس خاندان سان وفاداريءَ جو وَڻن ٽيل هو. پر جڏهن ماڻهن جو تعداد وڏو هجي ته پوءِ وَڻن ۽ واعدا بدلجندي دير نه ڪندا آهن ۽ نه ئي وري دائمي هوندا آهن. روم جي خطرناڪ ماڻهن جي دل ۽ دماغ ۾ ڪافي انديشا ۽ بدگمانيون هيون. تنهنڪري آگسٽس اُنهن سيني کي پنهنجي مدد لاءِ طلب ڪيو. نظر ۽ ضبط تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ لاءِ قانون لاڳو ڪيائين. سينيٽ جي عظمت کي، شهنشاهه ۽ فوج جي وچ ۾ پنهنجي ڪردار ادا ڪرڻ جي گذارش ڪيائين ۽ جمهوريه جي پهرئين مٽجسٽريٽ جي حيثيت[29] ۾ دليريءَ سان ماڻهن جي وفاداري حاصل ڪيائين.

ٻه سؤ ويهن سالن جي ڊگهي عرصي ۾ يعني موجوده چالاڪيءَ واري سرشتي قائم ٽيڻ کان ڪموڊس جي موت تائين، فوجي حڪومت جا سندس ورثي ۾ مليل خطرا، گهٽي پاڳي هٽي ويا هيا. سپاهي پنهنجي ئي طاقت جي حماقت واري احساس توڙي شهري اختياري جي ڪمزوريءَ تي ڪو قدم نه کڻندا هئا ڇو ته طاقت جي مظاهري جو نتيجو، پهريون توڙي پوءِ، پيانڪ قدرتي آفتن جي صورت ۾ نڪتو. ڪُليگُولا ۽ ڊوميٽين کي پنهنجن ئي محلاتن ۾ سندن ئي پالیل ماڻهن قتل ڪيو. پهرئين جي موت تي جيڪو لرزو ۽ ڇرپر روم ۾ پيدا ٿي، اُها شهر جي ديوارن تائين محدود رهي. پر نيرو پنهنجي تباهيءَ ۾ سڄي شهنشاهت کي متاثر ڪري ڇڏيو. فقط ارڙهن مهينن جي مختصر عرصي اندر چئن شهزادن جا سِرَ تلوار سان قلر ڪيا ويا، ۽ پوري رومي دنيا، فوجين جي غضب واري تِکَ ۽ تاوَ کان ڌهلجي وئي، سواءِ هن ٽورڙي وقفي جي جنهن ۾ فوجي طاقت کي پنهنجو زور ڏيکارڻو هو. آگسٽس کان ڪموڊس تائين ٻن صدين جو عرصو، سواءِ ڪنهن شهري جي رت وهائڻ يا انقلاب برپا ٿيڻ جي، آرام سان گذري ويو. شهنشاهه کي، سينيٽ جي اختيارَ ۽ فوجين جي رضامنديءَ[30] سان چونڊيو ويندو هو. فوجي پنهنجي وفاداريءَ جي قَسر سان سڃا رهندا هئا ۽ ٻڻ معمولي قسر جي فسادن جي پردي کڻڻ لاءِ، روم جي تاريخ جي ورقن جو باريڪ بينيءَ سان مطالعو ڪرٽو پوندو ۽ سواءِ ڪنهن جنگ جي[31] خطري ۾ پوڻ جي اُنهن فسادن کي ٽورڙن ئي مهينن جي اندر ختر ڪيو ويو.

اليڪشن ذريعي شهنشاهي حاصل ڪرڻ لاءِ تخت واري جڳهَ هڪ ايڏي ته وڏي شئي آهي جنهن ۾ خطري ۽ شرارت جو امڪان هر وقت رهي ٿو. رومي شهنشاهَ، پنهنجي فوجين کي بي يقينيءَ جي ڪيفيت کان بچائڻ جي خواهش ۾، هڪ عجيب مقصد حاصل ڪرڻ جي لالچ ڪئي، ۽ پنهنجي رِئيل پروگرام واري جانشين لاءِ پنهنجي موجوده طاقت جو تمام وڏو حصو ان جي حوالي ڪيائين، جيڪو سندس موت کان پوءِ، ڪيس ان لائق بڻائيندو ته ان سيڪجهه جو وارث بنجي وڃي جيڪو ڪجهه ٻه ٻچي ويو هو پر اهڙي چالاڪيءَ سان جو شهنشاهت ۾ مالڪن جي تبديليءَ جي خبر ٻه نه پئجي سگهي. اهڙيءَ طرح آگسٽس، جڏهن سندس سپ مناسب موقعا، غير متوقع موتن سبب، ڪائنس ڪجي چڪا هيا، پنهنجون آخري اُميدون ٽائبيريَس ۾ رکيون، پنهنجي جهوليءَ جهليل پُٽ لاءِ محتسب ۽ مٽجسٽريٽ جا اختيارَ حاصل ڪيائين ۽ پاڻ هڪ قانون پاس ڪيائين ته مستقبل جي شهزادي کي ٻه صوبن ۽ فوجن مٿان اوترائي اختيارَ هوندا جيترا سندس پنهنجا هئا.[32] اهڙيءَ طرح ويسپاسيان، پنهنجي وڏي ۾ وڏي پُٽ جي ڪشادي ذهن کي بنهنجي مرضيءَ مطابق تبديل ڪري ڇڏيو. ٽائيٽس کي مشرقي فوجن طرفان ساراهيو ويندو هو، جن تازو سندس ڪمانَ ۾ جُوڊيا جي فتح جو ڪارنامو سرانجام ڏنو هو. سندس طاقت کان ماڻهو خوف زده رهندا هئا، ۽ جيئن ته پنهنجي جواني جون حدون اورانگهي، هُن پنهنجين چگاين کي ڪجهه اونداهو ڪري ڇڏيو هو ته سندس نيتن ۽ اِرادن کي شڪَ

جي نظر سان ڏنو ويو. اهڙن اجاين شڪن شُبهن جي داستانن ٻڌڻ جي بجاءِ، عقلمند شهنشاهَ، ٽائٽس کي شهنشاهي وقارَ جي سيني اختيارن سان وابستہ ڪري ڇڏيو ۽ احسانمند پُٽَ پنهنجي نِهنائي ۽ وفاداريءَ سان وزير هٺڻ جي اعزاز ۽ کيس خوش رکندڙ پيءُ لاءِ پاڻ کي پوري طرح لائق ثابت ڪيو. [33]

ويسپاسيان جي تعريف لائق عقلمنديءَ، کيس هر اُها شئي قبول ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو جنهن ذريعي سندس مٽاهين مرتبي تي پهچڻ جي تازي جوکائتي قدم جي تصديق ٿي سگهي. مليٽري جي قسر ۽ فوجن جي وفاداري جي تقدس وارين روايتن کي هينئر پورا سؤ سال ٿي ويا هيا جيڪي سيزرس جي نالي ۽ ڪٽنب سان منسوب هيا، ۽ توڙي جو اهو خاندان جهوليءَ جهليل پُٽن جي مصنوعي رسر ذريعي لڳاتار رهندو آيو هو، پر روم جا ماڻهو، نيرو جي ذات ۾، جرمنيڪس جي پوٽي ۽ آگسٽس جي موروثي وارث کي تمام گهٽي عزت ڏيندا هُٿا. بي دلي، ناراضگي ۽ ضمير جي ملامت جي باوجود، شهنشاهي محافظن کي آماده ڪيو ويو تہ هو هڪ آمِرَ [34] جي طرفداري ڪرڻ ڇڏي ڏين. گلبا، اونو ۽ وٽيليس شهنشاهن جي تکڙي زوالَ فوجن کي سيکاري ڇڏيو تہ شهنشاهن کي سندن ئي خواهش جي مخلوق ۽ ضابطن کان آزاد انسان سمجهيو وڃي. ويسپاسيان جو جَرُ نِيچ هيو، سندس ڏاڏو خانگي سپاهي هو، سندس پيءُ [35] روينيو کاتي جو هڪ ننڍو آفيسر هو، سندس پنهنجي ذهانت کيس وڏي عمر ۾ مٽاهون ڪري شهنشاهت تائين پهچائي ڇڏيو هو، پر سندس ذهانت چمڪڻ جي بجاءِ، ڪارآمد وڏيڪ هئي، ۽ سندس اوڪٽن جي ذِلتَ، سندس حقارت واري سخت ڪنجوسيءَ ذريعي ٽينڊي هئي. اهڙي شهزادي پنهنجين سَڃين ترجيحن طرف توَجهہ ڏيندي پنهنجي پُٽ جي ساڻَ کي بهتر سمجهو جنهنجي شاندار ۽ انتهائي وٽندڙ طبيعت ۽ ڪردار، ممڪن هو تہ سندس نامعلوم اصليت کان ماڻهن جو توجہ هٽرائي، فلئرين جي گهراٽي جي شان شوڪت طرف وڃي. ٽائٽس جي نرم روَيي جي انتظام هيٺ، رومي دنيا کي وقتي خوشي ملي، ۽ سندس محبوب يادِ، پندرهن سالن تائين سندس پاءُ ڊوميٽين جي بُرن لڇڻ کي ڍڪي ڇڏيو.

نروا، ڊوميٽين جي قاتلن کان رنگ برنگي شاهي وردي اڃا ورتي مَس هئي تہ کيس احساس ٿيو تہ ڪمزوريءَ واري وڏي عمر ۾ هاڻي هُو ماڻهن ۾ پکڙيل لاقانونيت جي تيز وهڪرن کي روڪڻ جي قابل نہ رهيو هو ۽ جيڪي سندس اڳئين جانشين جي وقت ۾ تمام وڏي ويا هُٿا. سُنن ماڻهن طرفان سندس نرم رويي کي پسند ڪيو ويو پر نسلي طرح بگڙيل رومين کي اهڙي سخت ماڻهوءَ جي تلاش هئي جيڪو جڏهن انصاف ڪري تہ مُجرمنءَ ڏوهہ ڪندڙ ماڻهن جون دليون خوف وچان ڏکي وڃن. توڙي جو سندس مِٽ مائٽ گهٽا هُٿا، پر سندس پسند جي نظر هڪ ڏاڙئي تي وڃي پئي. هن ٽراجن کي پُٽ ڪري اختيار ڪيو جڏهن هو ان وقت چاليهن سالن جو هو ۽ جنهن اُن وقت هيٺين جرمنيءَ ۾ هڪ طاقتور فوج جي ڪمانَ ٿي ڪئي، ۽ سينيٽ جي فرمان موجب، ڪيس فورن هُن جو سائي ۽ شهنشاهت ۾ سندس جانشين بنايو ويو. [36] ان ڳالهہ تي جيترو افسوس ڪجي اوترو گهٽ آهي تہ اسان هڪ طرف نيرو جي ڏوهن ۽ حماقتن جي سيني بيهودن سلسلن کي ڳڻائيندي ٽڪجي پيا آهيون تہ ٻي طرف وري ٽراجن جا ڪرَ ۽ عملَ بہ هڪ ننڍي پر نہ هٽڻ جهڙي دستاويز يا هڪ مشڪوڪ خوشامد نامي منجهان جمع ڪرڻا آهن. بهرحال مدح سرائي اهڙي ضرور ملي آهي جيڪا مختلف قِسمن جي آهي ۽ ان کي ڪنهن بہ طرح خوشامد جي زُمري ۾ نٿو آڻي سگهجي. ٽراجن جي موتَ کان اڍائي سؤ سالَ پوءِ، سينيٽ، هڪ شهنشاهہ جي تاج ۽ تخت سنيالڻ جي موقعي تي،

پنهنجي دستوري داد ۽ شاباس ڏيندي ۽ هن لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪندي ڪيس چيو " هو پلي آگسٽس ڪان بہ وڌيڪ سَرهائي ۽ خوشيون ڏسي ۽ تراجن ڪان بہ وڌيڪ چڱاين جو مالڪ ٿئي."[37]

اسان کي ان ڳالھ جو يقين ڪرڻ گھرجي تہ پنهنجي ملڪ جو پيءُ ان ڳالھ تي مُنجهي پيو ھو تہ ھو پنهنجي مائٽ ھئڊرئن کي مڪمل خود مختياري جا اختيارَ سؤنپي يا نہ ڇو تہ سندس ڪردار ڪافي مشڪوڪ ھو. سندس آخري گھڙين ۾، شهزادي پلوٽينا تراجن کي، يا تہ فيصلي جي صلاحيتن جي ڪمزوريءَ جو الزام ڏنو يا وري وڏي جرئتمنديءَ سان ڪيس مصنوعي طرح سان اختيار ڪيل [38] پُٺ ظاھر ڪيو. جي اھو سچ ھجي تہ ان سان ھروپرو اختلاف بہ نٽو ڪري سگھجي. ۽ ھئڊرئن نهايت ئي سانت ۽ سُڪون سان سندن قانوني جانشين طور تسليم ڪيو ويو. جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو آھي تہ سندس حڪومت ۾، سڄي شهنشاهت ۾ امن ۽ خوشحاليءَ جو دؤر دؤرو ھو. ھن ھر فنَ ۽ ھنر کي ھٿايو قانون قاعدن کي بهتر بنايو. فوجي نظر ۽ ضبط کي مضبوط ڪيو. ۽ ھر صوبي ۾ پاڻ پهچي ۽ سَڌارا آندائين. سندس ذھانت جي تازگي ۽ وسعت، شهري ۽ عوامي پاليسيءَ جي باريڪ بينين ۽ گھڻَ پاسائن رُخن جي لاءِ بہ نهايت ئي موزون ھئي. پر سندس رُوح ۾ جيڪي جذبا حڪومت ڪري رھيا ھيا تہ اُھي فضول ھورا ڪورا يا جستجو ۽ اجائي آڪڙ وارا ھئا. جيئن اُھي مٿس قبضو ڪندا ھئا ۽ جيئن اُھي مختلف شين ڏانهن مائل ٿيندا ھئا تہ ھئڊرئن پوءِ واري واري سان، ڪڏھن تہ ھڪ بي بها شهزادو ھوندو ھو، ھڪ ڪِلڻ جھڙو دليل باز لڳندو ھو يا وري ھڪ حاسد آمِر ٿي ويندو ھو. ھونئن مجموئي طور تي سندس رويو، سندس برابري واري سلوڪَ ۽ اعتدال پسندي جي وصفن جي ڪري، نهايت ئي تعريف جوگو ھو. تنهن ھوندي بہ سندس حڪومت جي شروعاتي ڏينهن ۾، ھن چار اھڙا سينيٽر مارائي ڇڏيا جن کي ھو پنهنجا ذاتي دشمن سمجهندو ھو ۽ جن کي شهنشاهت جي لائق سمجهيو ويندو ھو، ڪيس تڪليف ۾ مبتلا ڪندڙ سندس بيماري اينگھَ ڪري وئي جنهن سبب ھو چيڙاڪ ۽ ظالم ٿي پيو ھو. سينيٽ ان فيصلي ڪرڻ ۾ ٻڏتَر جو شڪار ٿي وئي تہ ڪيس ديوتا ڪري پڪاريو وڃي يا ھڪ آمِر، ۽ جيڪي اعزاز سندس ياد جي لاءِ مخصوص ڪيا ويا ھئا، سي پارسا ائنٽونينَس [39] جي دعائن ۾ شامل ڪيا ويا.

ھئڊرئن جو ھر گھڙي بدلجندڙ خيال، سندس جانشين جي فيصلي ڪرڻ تي اثر انداز ٿيو. پنهنجي دماغ ۾ ڪيترين اھر ۽ نمايان شخصيتن جي ناڻن تي ويچاريندي ھن سوچيو تہ ھو ڪانئن نفرت ڪندو ھو، نيٺ سندس چُونڊَ واري نظر اِيليَس ويرس تي وڃي پئي جيڪو ھر جنسيت ۾ مبتلا ۽ ھڪ عيش پرست معزز ھو جنهن لاءِ ائنٽونينَس [40] جي بيحد حسين عاشق ان جي سفارش ڪئي ھئي. پر ھڪڙي طرف ھئڊرئن پنهنجي واکاڻ پاڻ ڪندي خوش ٿي رھيو ھو تہ فوجين بہ سندس بيحد تعريفون ٿي ڪيون جن جي منظوري تمام گھڻي دولت جي عيوض ورتي وئي ھئي، ھو ڏانهن نئون [41] سيزر زندگيءَ جي پاڪُرن مان نڪري بي وقتي موتَ جي مُنهن ۾ ھليو ويو. ھن پويان فقط ھڪ پُٺ ڇڏيو. ھئڊرئن، ائنٽونينز جا احسان مجيندي، چوڪَر جي تعريف ڪئي، ھن کي پِيَس جھولي، جھليو ۽ مارڪَس جي تخت نشينيءَ جي وقت ڪيس خود مختياريءَ جي اختيار ۾ ھڪ جيترو حصو ڏنو ويو. نوجوان ويرس جي تمام گھڻين خرابين منجهان، ھن ۾ ساڻئي وقت ھڪڙي چڱائي بہ ھئي ۽ اُھا ھيءَ تہ سندس سياڻي سائيءَ لاءِ ڪيس، بي انداز عزت ھئي جنهن لاءِ ھن شهنشاهت جي پابندي واري سار سنڀال لهڻ بہ خود بخودئي بند ڪري ڇڏي ھئي. فيلسوف شهنشاھ سندس حماقتن کي لڪايو. سندس موت تي افسوس ڪيو ۽ سندس يادگار تي ھڪ مانائتي چادر چاڙھائي ڇڏي.

جيئن ٿي هئبرٽن جي خواهش يا ته مطمئن ٿي يا وري انجو ابتو اثر ٿيو. هن، بهرحال هڪ عزم ڪيو ته پاڻ کي اهڙو ڪر ڪري وڃي جو سندس پويان ايندڙ نسل سندس احسانَ مڃي. هن سلسلي ۾ هن رومي تختَ جي عظمت وڌائڻ لاءِ هڪڙو ڪر ڪيو. سندس سُڃاڻپ واري نظر، هڪ پنجاهه سالن جي سينيٽر کي هٽ ڪيو، جيڪو سڄي زندگي هر خامي يا خرابيءَ کان پاڪ رهيو هو. ۽ هڪ سترهَن سالن جو نوجوان جنهن جي وڏندڙ عمر ۾ رڳو سُٹا گڻ ۽ چڱايون ٿي نظر آيون، هنن مان جيڪو وڏو هو ان کي هئبرٽن جو پٽ ۽ جانشين بنائڻ ويو پر ان شرط تي ته هُو فورن نندي کي جهولي۽ جهليندو. ۽ن ائنٽونِنز (جو ته هاڻي اسان اُنهن متعلق ٿي ڳالهايون ٿا) هائيتاليهن سالن تائين رومي دنيا تي، ڏاهپ ۽ سُٹي ڪردار جي لڳاتار جذبي سان حڪومت ڪئي هئي. جيتوڻيڪ پِيَس ئي ۽ پٽ هُئا، [42] پر هن کي پنهنجي ڪُٽنب کان وڌيڪ روم جي بهتري وڌيڪ پياري هئي، پنهنجي ڏيءُ فاسٽينا کي نوجوان مارڪس سان پرٽائي ڇڏيائين. سينيٽ کان مٿجسٽريٽ ۽ صوبي جي گورنري جا اختيارَ منظور ڪرايائين. ۽ شايد حسدَ جي شاندار حقارت مان يا وري بلڪل بيخبريءَ مان، ڪيس حڪومت سان لاڳاپيل هر پورهئي سان ڪيس شامل ڪيو ويو. پنهنجي جڳهه تي مارڪَس، پنهنجي مُحسن جي ڪردار کي بيحد مانُ ڏنو. وڏي ۽ والد جي حيثيت ۾ ساٹس پيار ڪيائين. حاڪر [43] جي حوالي سان سندس فرمانبرداري ڪيائين. ۽ جڏهن هُو هِن دنيا ۾ نه هو ته پنهنجي پوري انتظام کي سندس ٿي مثالن ۽ سونهري اصولن مطابق هلايائين. سندس گڏيل حڪومتن جو دؤر شايد تاريخ جو اڪيلو دؤر آهي جنهن ۾ حڪومت کي رڳو اهو اونو هوندو هو ته روم جي عظيم ماٹهن کي گهٹي ۾ گهٹو خوش ڪيئن رکجي.

تائٽس ائنٽونِنَس پِيَس کي پوري سچائيءَ سان ٻيو نُوما * سڏيو ويو آهي. مذهب، انصاف ۽ اَمن سان ساڳيو پيار، ٻنهي شهزادن جي امتيازي خاصيت ۽ سڃاڻپ هئي. پر ٻي نمبر شهزادي جي اخلاق عادتن جي فائدن ۽ فياضيءَ لاءِ وڏن موقعن جي گنجائش موجود هئي. نُوما فقط ڪجهه پاڙيسري ڳوٹن جي ماٹهن کي روڪي ٹُڪي سگهيو ته هڪ ٻُڌي جي فصلن جي قُرلٽ کان پاسو ڪن. ائنٽونِنَس قانون ۽ سانت سُڪون جي ماحول کي زمين جي گهٹي کان گهٹي حصي تائين پهچائي ڇڏيو. سندس حڪومت جو نمايان ڪارنامو اهو آهي ته هُن تاريخ لاءِ اُهو مواد ڇڏيو آهي جيڪو اُن رجسٽر جي مواد کان بلڪل مختلف آهي جنهن ۾ انسانذات جا ڏوهَ، حماقتون ۽ بدنصيبيون لکيل هوندیون آهن. ذاتي زندگيءَ ۾ هو انتهائي مانيٹو، مهذب ۽ سٹو انسان هو. سندس اخلاق جي ڇائي جَڙ واري سادگي، اجائي آڪڙ ۽ مصنوعيت لاءِ ٻنهه اوپري هئي. هن پنهنجي مُقدر جي سُٹن موقعن کي اعتدال سان ماٹيو ٿي ۽ سوسائٽي[44] جي معصوم خوشين مان به مطمئن هو. ۽ سندس رُوحَ جي نيڪي ۽ پلائي، سندس مانيٹي مزاجَ جي سرهائيءَ مان ليڪاپائي رهي هئي.

مارڪس آريليس ائنٽونِنَس جي خاصيت ڪجهه سخت قسر جي ۽ جفاڪشي واري هئي. [45] اهو ڪيترين ۽ علم ۽ ڄاڻ جي ڪانفرنسن ۾ شامل ٿيڻ جو، صبرسان ڪيترن ٿي ليڪچرن کي ٻُڌڻ جو ۽ ڪيترين ٿي راتين جو اڌرات تائين پڙهڻ، لکڻ ۽ مطالعي ڪرڻ جو فصل هو جنهن کي هن وڏي محنت ۽ خلوص سان حاصل ڪيو هو. فقط ٻارهَن سالن جي عمر ۾، هُو استائڪن جي سخت سرشتي ۾ شامل ٿيو، جن ڪيس جسترَ کي دماغَ ۽ جذبن کي شعورَ جو فرمانبردار بنائڻ سيکاريو. ۽ اهو به ته نيڪيءَ کي صرف چڱائي ۽ بديءَ کي فقط برائي سمجهي، ۽ ٻاهرين شين کي پنهنجو نه سمجهي پر انهن کان لاتعلقي [46] ڏيکاري. ڳوڙهي سوچَ ۽ فِڪر مان، هڪ ڪٹمب جي گروڙ واري ماحول ۾ لکيل سندس تحريرون ايا تائين سلامت آهن. هن پنهنجي مٿاهين مرتبي جو خيال ترڪ ڪندي، عام ماٹهن

ہر اچي فلسفي تي سَبقَ پڑهايا، هي سندس اهڙو پسنديده روَيو هو جيڪو گهٽو ڪري وڏن درويشن يا شهنشاهن جي شان مطابق نہ هوندو آهي. [47] سندس زندگي، زينو جي اخلاقي اصولن بابت، جڏ اڪين ڏنو احوال آهي.* هو پاڻ سان سخت هو پر ٻين جي ڪوتاهين تي مهربان هوندو هو، انصاف وارو ۽ پوري انسانذات تي مهربان ۽ شفيق هو. ڪيس ان ڳالهه تي افسوس هو ته اٽويڊيَس ڪئيسيَس، جيڪو شام ۾ بغاوت کي اُپارڻ جو باعث بڻيو هو، ۽ بعد ۾ گذاري ويو. سندس اُميدن جي ابتڙ ثابت ٿيو هو جو هُو دشمنن کي دوستيءَ ۾ تبديل ڪرڻ جي خوشي کيس نہ ڏئي سگهيو هو ۽ هُن اهڙي جذبي جي خلوص کي ساراهيو هو جنهن ذريعي هڪ غدار [48] جي حمايتيُن خلاف، سينيٽ جي ناراضگيءَ کي ڪجهه اعتدال ۾ آندو ويو هو. جَنگ سان کيس نفرت هئي جنهن کي هو انساني فطرت جي بي حرمتي ۽ اُن لاءِ هڪ آفت سمجهندو هو، پر جڏهن انصاف واري حفاظت جي ضرورت ۽ گهڙي اچي وئي ۽ کيس هٿيارَ کڻڻا پيا تہ هو سياري ۾ بہ ٻاهر نڪري پيو ۽ دنيوب جي برف سان ڍڪيل ڪنارن تي اَڻ فوجي معرڪن ۾ خود حصو ورتائين پر ٿَڌ جي سختي آخرڪار سندس ڪمزور هانيءَ لاءِ موتمار ثابت ٿي. سندس دوُر ۽ انساني گُڻن کي هنجي پويَن توڙي ايندڙ نسلَ بيحد احسانمنديءَ سان ياد ڪيو ۽ سندس موت کان سوَ سال پوءِ بہ بيشمار ماڻهن جي گهرن ۾ مارڪس اٽنٽونينَس جي مُورت، ٻين ديوتائين سان گڏ، [49] عزت ۽ احترام ڏيڻ لاءِ رکي وئي هئي.

جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي اهو چيو وڃي تہ هُو دنيا جي تاريخ جو ڪو اهڙو دوُر ٻڌائي جنهن ۾ انساني نسل بيحد خوش ۽ سُکيو ستابو رهيو هجي، تہ هو سواءِ ڪنهن هَڪَ جي اُهو دوُر ٻڌائيندو جيڪو ڊوميٽين جي موتَ کان ڪموڊَس جي تخت نشيني تائين گذريو هو. روم جي شهنشاهت جي تمام وڏي حصي تي پُورن اختيارن ۾ نيڪيَ ۽ ڏاهپ سان حڪومت ڪئي ويندي هئي. فوجن تي، لڳاتار چئن شهنشاهن جي پرپور ضابطي جي باوجود، سندن رويي ۾ نرمي هوندي هئي جنهن سبب سندن ڪردار ۽ اختيار جو پاڻمرادو احترام ڪيو ويندو هو. شهري نظام جا مختلف طريقا نروا، تراجن، هڊرئن ۽ انٽونينز پاران محفوظ ڪيا ويا هيا، جيڪي آزاديءَ جي تصور سان ٿي سرهائيءَ ۾ سرشار ٿي ويندا هيا ۽ ان ڳالهه تي ڏاڍا خوش هيا تہ هو پاڻ کي اهڙا وزير سمجهن ٿا جن کان قانون جي آڏو جواب طلبي ٿي پئي سگهي، جمهوريہ جي عزت ۽ وقار بحال ڪرڻ لاءِ، اهڙا شهزادا ايا وڏي مانَ ۽ شانَ جا مستحق هيا، جيڪڏهن سندن وقت جا رومي ماڻهو، منطقي آزاديءَ جي لطف وٺڻ ۽ ان کي ملهائڻ جا اهل هجن ها.

هنن شهنشاهن جي محنتن جي صلي ۾ کين گهٽو ڪجهه ملندو هيو، اُهي انعام جيڪي اُنهن جي ڪاميابيءَ کان پوءِ سندن انتظار ڪندا هئا، يعني سندن نيڪيءَ بابت ايمانداريءَ واري فخر جو احساس، پنهنجن ماڻهن جي خوشي ۽ سُک سلامتيءَ واري حالت جنهن جي قائم ڪرڻ وارا هُو خود هئا، اهو ئي سندن وڏي ۾ وڏا انعام هئا. هڪ صحيح ۽ دڪدائڪ واقعي، شاندار مسرت جي ماحول ۾ ڪڙاڻ پيدا ڪري ڇڏي. اُنهن شايد اُن دوُر کي ٻيهر موٽائڻ چاهيو هو جيڪو خوشين کان خالي هجي، جنهن جو مدار فقط هڪ ماڻهوءَ جي ڪردار تي هو. اُها خطرناڪ گهڙي شايد ويجهي ٿي رهي هئي جڏهن ڪو عياش نوجوان يا حاسد آمِر ان پرپور طاقت جي تباهي آڻڻ جي ڪوشش ڪندو جيڪا فقط سندن عوام جي پلائيءَ لاءِ استعمال ٿيندي هئي. سينيٽ توڙي قانونن ذريعي جاري ٿيل مثالي پابندين شايد ڇگاين جي پرچار لاءِ تہ موزون هيون پر شهنشاهن جي خامين کي دُرست نہ ٿي ڪري سگهيون. فوجي طاقت انڊي هئي، جيڪا ڏاڍَ ۽ جبر جي اَڻ اجهل هٿيار طور استعمال ٿيندي هئي، ۽ رومين جي طور طريقن جي بِگاڙ ۽ خرابيءَ سندن مالڪن جي

خوف، لالچ، شهوانيت ۽ ظلمن بابت چاپلوسن توڙي وزيرن کي مواد مهيا ڪري ڏنو جيڪي هر وقت اهڙن موقعن تي هنبوشيون هڻندا آهن ۽ موقعي جو ناجائز فائدو ونندا آهن.

هي ڏکوئيندڙ خدشا، رومين جي تجربي اڳ ۾ ئي صحيح ثابت ڪري ڇڏيا هيا. شهنشاهن جي دؤر انساني فطرت جون مضبوط ۽ مختلف صورتون ڇٽيون آهن جن کي اسان، هڪ اجائي ڪوشش ۾، موجوده تاريخ جي گاڏڙ ۽ مشڪوڪ فردن ۾ تلاش ڪريون ٿا. اُنهن شهنشاهن جي رويّن ۾، اسان جيڪڏهن خوبين ۽ خامين جون آخري حدون تلاش ڪريون ته اسانکي تمام مٿاهين انساني تڪميل يا اسان جي نسل جي نيچ ڪان به نيچ ذِلت نظر ايندي. تراجن ۽ اٽنٽونيز جي سونهري دؤر کان اڳ وارو لوهَ جو دؤر هو. آگسٽس جي نالائق جانشينن جي ڪُٽنپ ڪرڻ هڪ اجايو عمل هوندو. خامين ۾ اُنهن جو ڪو به ثاني ڪو نه هو. اُهي شاندار ٽيٽر، جنَ تي ڪانئن ڪرتبَ ڪرايا ويندا هيا، ڪين هميشہ لاءِ ميسارجڻ کان بچائي ڇڏيو آهي. اونداهو ۽ بي ترس تائبيريَس، پَوائتوڪٽليگُولا، احمق ڪلاڊيَس، ذليل ۽ ظالم نيرو، وحشي وِٽِليَس،[50] ۽ بُزدل ۽ هڇارو ڊوميٽين - سيپٽي هميشہ واسطي ڊِڪاريل، تَڙيل ۽ بدنامي جهڙن لفظن سان ياد ڪيا ويندا. اسي سالن جي عرصي ۾ (سواءِ فقط ويسپاسيان جي مختصر ۽ مشڪوڪ حڪومت جي)[51] روم جا ماڻهو ظلم ۽ بي رحمي جي گهاٽي ۾ پيڙبا رهيا جنهن ۾ جمهوريہ جي قديمي خاندانن کي تباهہ ڪيو ويو ۽ هر چگاڻي ۽ هر قسم جي ذهانت، جنهن به ان بد قسمت دؤر ۾ مٿي اُپرڻ چاهيو ته ان کي ختر ڪيو ويو.

هنن راڪاسن جي حڪومت ۾، رومين جي غلامي ۾ خاص حالتن سان گڏيل هئي، پهرين سندن اڳوڻي آزاديءَ جي مناسبت سان ۽ بي سندن وڏين سوين بابت هئي، جنهن سبب سندن حالت، ڪنهن به بي دؤر يا ملڪ جي ظلمن جي ماريل ماڻهن جي مقابلي ۾ به وڌيڪ خراب ۽ ڏکوئيندڙ ٿي وئي هئي. هنن سببن مان هي نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا.

1. مصيبت جي ماريلن جا نازڪ جذبا ۽ شعورَ.

2. ظالمَ هٿان بچڻ يا پڇڻ جي نا ممڪن صورت.

1. جڏهن فارس تي سيفي خاندان جي حڪومت هئي ته شهزادن جو هڪ نسل جن جي بيهودگيءَ واري ظلمَ سبب جاڏي ڪاڏي رت جا نشان نظر ايندا هٿا، يعني سندن ديوانَ، سندن ٽيبل، ۽ سندن بستري تي اُنهن جي رَت جا نشان هوندا هٿا جيڪي سندن خاص ماڻهو سڏرائيندا هٿا، هڪ معزز نوجوان جي چوٽي رڪارڊ ٽيل آهي، ته هُو سُلطان جي موجودگي ۾ تيستائين ڪيس ڪڍهن به ڇڏي نه ويو جيستائين هو ڏسي وائسي پاڻ پکَ ڪري وڃي ته سندس سِر سندس ڪُلهن تي ايا تائين سلامت هو. روزانو جو تجربو، رُستن[52] جي شکَ کي شايد صحيح ثابت ڪري. ان جي باوجود موتمار تلوار جيڪا فقط هڪڙي ڏاڍي سان مٿس لڙڪي ٿي، لڳي ٿو ته اَڪهُور نند ۾ ستلن کي ايا پريشان نه ڪيو آهي يا وري فارس جي سانت يا سڪون کي ٽوڙيو آهي، ڪيس خبر هئي ته شهنشاهہ جو فقط مُنهَن تي گُهمُندو به ڪيس مِٽيءَ ۾ ملائي پٽي سگهيو، پر وِڇ جو چمڪو يا ڪو دماغي جهٽڪو به اوتروئي خطرناڪ ٿي پٽي سگهيو ۽ سياٽي ماڻهوءَ جو ڪم اهو هو ته تيزيءَ سان گذرندڙ وقت جي ملهائڻ وارين گهڙين ۾ انساني زندگيءَ جي آتل عذابن کي وساري ڇڏي. ڪيس شهنشاهَ جي غلام هڻڻ جو اعزاز حاصل هو، جنهن کي اَڻ ڄاتل يا غير اهم والدين کان خريد ڪيو ويو جيڪي اهڙي ملڪ ۾ رهندا هٿا جنهن جي ڪيس خبر نه هئي، ۽ سندس هالڪپڻ کان وٺي حرم سَراءِ[53] جي معاملن سنڀالڻ جي سخت سِکيا ڪيس ڏني وئي هئي. سندس نالو، سندس دولت ۽ سندس اعزازَ، سڀ سندس مالڪ طرفان

کيس تحفي ۾ ڏنا ويا هيا، جيکو ناانصافي ڪرڻ کانسواءِ، کانئس سڀ ڪجهہ کسي پٽي سگهيو جيکو ڪجهہ هن کيس ڏنو هو. ڏستن کي جيڪا به ڄاڻ يا معلومات هئي تہ ان مان سندس تعصب يا بدگمانين جي عادتن يا روايتن جي تصديق پئي ٿي. سندس هولي۽ جي لفظن مان اها پروڙ پئجي پئي سگهي تہ اُها ڪنهن به حڪومت جي طريقي سان نہ پر مڪمل موروثي بادشاهت سان لاڳاپيل هئي، مشرق جي تاريخ کيس شاهدي پئي ڏني تہ انسانذات جي حالت سدائين ساڳي ۽ اهڙي رهي هئي.[54] قُرآن (پاڪ) ۽ ان الهامي ڪتاب جي سمجهڻ وارن کيس اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرائي هئي تہ سلطان، پيغمبر (صلعم) جو مجينڈر هو ۽ بهشت جو نائب هيو. ٻيو تہ صبر، هڪ مسلمان جي پهرين نيڪي، ۽ مڪمل فرمانبرداري سندس خدمت جو حصو هو.

رومر جي ماڻهن جا ذهنَ غلاميءَ لاءِ ڪجهہ مختلف طريقي سان تيار هئا. سندن ئي سرشتي جي انتهائي خراب حالتن ۽ فوجي تشدد جي ظلم ۽ ڏاڍ جا تمام گهٽا ستايل هيا تنهنڪري اُنهن گهٽي وقت کان وٺي پنهنجن وڏن ۽ وارثن جن آزاد فضا ۾ جنم ورتو هو. هنن پنهنجا جذبا ۽ آدرش پنهنجن سينن ۾ سنياڻي رکيا هيا. هيلويڈيس ۽ ٽريسا، تـوڙي ٽئسيٽَس ۽ پلني جي به تعليم ساڳي هئي جيکا ڪاٽو يا سسيرو جي هئي. گريشين فلسفي کان، اُنهن انساني فطرت جي وقار ۽ شهري سماج جي اصليت بابت، تمام صحيح، سچا ۽ فراخ دليءَ وارا خيال پنهنجي دماغ ۾ ويهاري ڇڏيا هيا. پنهنجي ملڪ جي تاريخ کين هڪ آزاد هڪ نيڪ ماڻهوءَ ۽ گڏيل ملڪيت جي عزت ڪرڻ سيکاري هئي، کين سيزر ۽ آگسٽَس جي ڪامياب ڏوهن کان نفرت، ۽ اُنهن آمرن کان اندروني طرح بُچاڻ پڻ سيکاري هئي جن جي تعريف ۾ هُو ذليل چاپلوسيءَ جا سپيئي لِيکا لنگهي ويندا هيا. مئجسٽريٽن ۽ سينيٽرن جي حيثيت ۾، کين بالائي ڪائونسل ۾ داخلا ڏني ويندي هئي، جنهن ڪڏهن ڏرتيءَ کي قانون ڏنا هيا، جنهن جي نالي شهنشاهَ جي ڪمن کي ايا وڌيڪ سندَ عطا ڪئي ۽ جنهن جي اختيار کي ايترو تہ ذليل ڪيو ويو جو اُنکي آمريت جي انتهائيَ نِيچ مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويو. تائبيريس ۽ اُهي شهنشاهَ جن سندس اصولن کي اختيار ڪيو، اُنهن انصاف جي فريب جي پردي ۾، پنهنجي ڪرايل خونن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ پوءِ شايد پنهنجي اندرئي اندر ۾ خوش ۽ سرها ٿيڻ لڳا تہ ڪيئن نہ اُنهن سينيٽ کي به پنهنجي ڏوهہ ۾ شريڪ ڪيو هو جيکا سندن چالاڪيءَ جو شڪار ٿي وئي هئي. هن اسيمبلي ذريعي جيکي رومر جا آخري ماڻهو هيا اُنهن کي خيالي ڏوهن ۽ سچين ڇڳاين لاءِ نِنديو ويو. سندس انتهائي بدنام الزام مڙهيندڙن، حُب الوطني جي خود مختياري واري زبان ڳالهائڻ شروع ڪئي، جن هڪ خطرناڪ شهريءَ تي سندس ملڪ جي ٽريبونل ۾ الزام ثابت ڪيو. اهڙي عوامي خدمت لاءِ دولت ۽ اعزازن جي انعام اڪرام سان کين نوازيو ويو.[55] خوشامدڙين جَجن، گڏيل ملڪيتن جي وقار کي بحال ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ سندس ئي پهرئين مئجسٽريٽ[56] جي ذات ۾ ان جي پيڪڙي به ڪئي، جنهن جي رحم جي درخواست تي اُنهن خوش ٿي تڏهن داد ٿي ڏنو جڏهن هو سندس ايندڙ وقت جي ظلم[57] ۽ بي رحميءَ کان سخت ڪَبني رهيا هيا. آمِرَ سندن ڪمينگيءَ کي نفرت وچان ڏنو ۽ سندن لڪل بُچاڻ وارن جذبن جو مقابلو. هُن سينيٽ جي سڄي اداري لاءِ ڪُليئر ڪلايو پنهنجي سخت نفرت جي سڄي اظهار ذريعي ڪيو.

II . يورپ جي ورهاڱي جي نتيجي ۾ ڪيترين ئي آزاد رياستون وجود ۾ اچي ويون جيکي وري مذهب، هولي ۽ هلت چلت جي رويَن جي گهٽي هڪ جهڙائيءَ سبب پاڻ ۾ ملي ويون. اهو سلسلو بيحد ڪارآمد ثابت ٿيو جنهن سبب انسانذات جي آزاديءَ جا بيحد سڻا نتيجا نڪتا. هڪ جديد آمِر، جنهن کي نہ پنهنجي اندرَ جي مخالفت هوندي ۽ نہ

ماڻهن جي، پر پنهنجي برابري وارن ماڻهن جي مثال مان ٿوري رُکاوٽ. هاڻوڪي دؤر جي ڏِکار جو پئو. سندس اتحادين جي صلاحَ مشوري جي پابندي ۽ دشمنن جي شَڪن شُبهن جا تجربا کيس ضرور ٿيندا. سندس ناراضگيءَ جو مقصد، جيڪڏهن سندس حڪومت جي محدود دائري جي معاملن کي في الحال ڇڏي ٻـ ڏجي، اهو هو تہ هُو هڪ خوشيءَ واري فضا ۾ پنهنجي حفاظت ۽ بچاءَ جا طريقا ۽ پنهنجو پاڻ پنهنجي صلاحيتن مطابق آسانيءَ سان حاصل ڪري ونڊو. ڪنهن جي خلاف شڪايت ڪرڻ جي ٻـ ڪيس آزادي هوندي ۽ ضرورت پوڻ تي انتقام وٺڻ جا وسيلا ٻـ وٽس هوندا. پر رومين جي شهنشاهت سان سڄي دنيا پريل هئي، ۽ جڏهن اُها شهنشاهت فقط هڪ ماڻهوءَ جي هٿ وهيٽي ٿي تہ دنيا، سندس دشمنن لاءِ، هڪ پوائنٽي جيل جي صورت ۾ محفوظ بڻجي وئي. شهنشاهي آمريت جو غلام، توڙي ڪيس روم ۽ سينيٽ ۾ سندس سوني لاڪيٽ گِهلڻ جي سزا ڏني وئي هجي يا سيريفس جي ويران جبل تي چڙهي يا دنيوب جي برف ڇميل ڪنارن تي وڃي جلاوطني اختيار ڪري پنهنجي زندگيءَ جا بچيل ڏينهن پورا ڪري، هڪ خاموش نا اُميديءَ ۾ پنهنجي قسمت جي فيصلي جو منتظر هو.[58] مزاحمت يا مقابلو هن لاءِ موتمار هو، پڇي نڪرڻ ناممڪن هو. هر طرف ڪان هُو سمنڊ ۽ زمين جي وڏي ۽ وسيع علاقي ۾ وکوڙيل هو جنهن کي جهاڳڻ سندس وسَ ۾ ڪو نہ هو، سواءِ ان جي تہ اهڙي ڪوشش ڪرڻ تي کيس ڳولجي، پڪڙجي ۽ گرفتار ڪيو وڃي ها ۽ ساڳي ظالم مالڪ ڏانهن واپس ڪيو وڃي ها. سرحدن جي پريان، سندس انتظار ۾ بي چينيءَ واري نظر کي ڪجهہ ٻـ ڏِسڻ ۾ نٿي آيو سواءِ عميق سمنڊ جي، برپٽ بيابانن جي، بربرن جي ڏُکين ۽ عداوت رکندڙ قبيلن جي، پوائنٽن طور طريقن ۽ غير واقف زبان جي يا ٻين تي پاڙيندڙ شهنشاهن جي، جيڪي شهنشاهہ جي حفاظت کي خوشيءَ سان خريد ڪرڻ لاءِ هڪ بيڪار ۽ بيسود پاڇوڪڙ جي قرباني آسانيءَ سان ڏئي ڇڏيندا.[59] " تون جتي ٻـ آهين، سِسيرو جلاوطن مرسيلس کي چيو. " ياد ڪجانہ، تہ تون ٻـ اوتروئي فاتحَ جي طاقت جي چنبي ۾ قابو آهين."[60]

باب - ڏيون
حاشين بابت وضاحتون

* جُوليَس سيزر
* آگسٽَس

1. حوالو: اوروسيَس (vi, 18)

2. جُوليس سيزر، سپاهين، ڏارين ۽ آڏورن بربرن کي سينيٽ ۾ داخلا ڏياري. (سيزر ۾ سوٽونيس، باب - 80) سندس موت کان پوءِ، هي ناجائز سرشتو اڃا وڌيڪ بدنام ٿي ويو.

3. حوالو: ڊائن ڪئسيَس - (iii,693) ، آگسٽَس ۾ سوٽونيس، (باب - 35).

4. ڊائن (iii,698) هِن وڏي موقعي تي هُو هڪ ڊگهي ۽ لفظن سان ڀرپور تقرير ڪئي، جو آگسٽَس واري هولي سوٽونيس ۽ ٽئسيٽَس کان ورتي آهي.

5. مئجسٽريٽ يا امپريٽر جنهن مان لفظ شهنشاهه نڪتو، جمهوريه ۾ انجو رتبو جنرل کان مٿي نه هو ۽ اِهو سپاهين طرفان ڏاڍي زبردست طريقي سان ان کي ڏنو ويندو هو جنهن کي هو جنگ جي ميدان تي پنهنجو "سوپ ماٿينڈ اِگواڊ" تصور ڪندي، ان خطاب جو ڪيس حقدار سمجهندا هيا.

6. ڊائن - (Iiii,703) وغيره.

7. ڈسو ايپيٽوم ۾ لِوِي (ڪتاب - xiv) ويلر، مئڪسر .

8. ڈسو لِوِي جي انهن ڪتاب ۾ مٿليَس تارڪٽنَس ۽ پئپيريس ڪرسَر جو ڪردار. انهن انسانڈات ۽ قدرت جي قانونن کي ته نه مڃيو، پر فوجي نظر ۽ ضبط جي قانونَ جي پوئواري ڪئي، ۽ جن ماٿهن اهڙن رويَن کان نفرت ڪئي، ته کين مجبور ڪيو ويو ته ان، اصول جو احترام ڪن.

9. ماٿهن جي فراخ دليءَ ۽ تمام گهڻن ووٽن ذريعي، پومپي به آگسٽَس کان اختيارن ۾ گهٽ طاقت وارو ڪمانڈر نه هو. سندس طاقت جي اهر ۽ نالياورن ڪمن ۾، انٽيهن شهرن جو بنياد رکڻ ۽ سندس فوجين ۾ ٽن کان چئن مِلين پائونڈن جو ورهائڻ شامل آهن. پر سندس ڪمن جي منظوريءَ ۾ ڪيس مخالفت جو منهن ڈسڻو پيو جنهن سبب سينيٽ طرفان ان کي جي اُڪلائڻ ۾ به دير ٿي. ڈسو پلوٽارچ، ائپين. ڊائن ڪئسيَس، ۽ اَئٽيڪَس ڈانهن لکيل خطن جو پهريون ڪتاب.

10. گڏيل رياست يا جمهوريت ۾، کو جنرل سوپَ يا کنهن اعزاز جي دعويٰ تڏهن ڪندو هو جڏهن ڪيس، عوام جي نالي ۾، پاڻ جي حصي وڻڻ جو اختيار ڈنو ويندو هو. پالبسي ۽ مذهب مان ورتل اصولن موجب نتيجو اهو ڪڍيو ويو ته اُهو اعزاز خاص طرح شهنشاهه جي لاءِ وقف ڪيو ويندو هو ۽ سندس ڪامياب نائبَ، شهنشاهه سان ويجهائيءَ سبب پنهنجي خاص مرتبي تي ڈاڍا خوش هيا ۽ فتح جا اعزاز به اُنهن لاءِ ئي ايجاد ڪيا ويا هيا.

11. ڊي ليگيبس (iii, 3) - ۾ سِسيرو ايلچي جي عهدي کي ريجٹا پوٽيستاس، يعني "شاهي طاقت" جو نالو ڏئي، ۽ پالبيبيَس (vi,3) رومي آئين ۾ ٽِن طاقتن جو ذڪر ڪري ٿو. حاڪميت جي اختيارن جي نمائندگي ايلچي ڪندا هئا.

12. جيئن ته مئجسٽريٽ جا اختيارَ (جيڪي سالياني عهدي کان مختلف هئا) پهريون دفعو آمر سيزر لاءِ ايجاد ٿيا هيا (ڊائن(XTiv,384)- ته اسان هاڻي آسانيءَ سان سمجهي سگهون ٿا ته اهي اختيار مئجسٽريٽن تورِي عوام جي مقدس حقن جي پُر وقار حفاظت ڪرڻ لاءِ، ڪيس عطا ڪيا ويا هئا. سندس پنهنجو بيان به هن سلسلي ۾ آهي. ڏي بيل سِول (ڪتاب - 1) ۾.

13. آگسٽس لاڳيتو نوَ (9) دفعا يا نوَ سال ايلچي (مئجسٽريٽ) جي عهدي تي فائز رهيو. پوءِ هن وڏي چالاڪيءَ سان عدالتي تورِي آمراڻي اختيار استعمال ڪرڻ کان انڪار ڪيو. روم مان غير حاضر رهيو ۽ تيستائين انتظار ڪيائين جيستائين جهيڙي ۽ فساد برپا ٿيڻ جي هاڃيڪار اثر، سينيٽ کي مجبور ڪيو ۽ ڪيس مئجسٽريٽ جا دائمي اختيارَ سؤنپيا ويا. بهرحال پوءِ آگسٽس ۽ سندس جانشينن، بدنيتيءَ سان اختيار ڪيل ان لقب کي ماڻهن کان لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي.

14. ڏسو سينيٽ جي فرمانَ جو هڪ ننڍو ٽڪرو، جنهن ذريعي شهنشاهه ويسپاسيان کي اُهي سڀ اختيار سؤنپيا ويا جيڪي سندس اڳين جانشينن، آگسٽس، ٽائبيريَس ۽ ڪلاڊيس کي ڏنا ويا هئا. هي مڪمل ۽ اهم دستاويز گروٽر جي نقش نگارن ۾ ڇپيل آهي.

15. جنوري جي ڪئلينڈر ۾ ايلچين جون به جايون پيدا ڪيون ويون، پر سال جي اندر ٻيون جايون، پهرئين جي جڳهه تي تبديل ڪيون ويون ۽ اُنهن عُهدن جو سالياني تعداد ٻارهَن تائين وڌي ڇهتو. مئجسٽريٽ گهٽو ڪري سورهَن يا ارڙهن هوندا هيا. (سيرسفر ۾ لپسيَس ۽ تاريخ جا ورقَ ۾ ٽئسيٽَس) ايڏا مئجسٽريٽن جي ٻين قسمن يعني جڳهن، راندين، مارڪيٽ، پوليس وغيره جا مئجسٽريٽ، اِيڊائلس ۽ جاجَ تي مقرر ٿيل مئجسٽريٽ، ڪُئيسٽرس جو هتي بيان نه ڪيو ويو آهي. پوليس ۽ روينيو جا عملدار حڪومت جي هر طريقي سان مانوس ٿي وڃن ٿا. نيرو جي دؤر ۾ مئجسٽريٽن کي ڪنهن جي سلسلي ۾ پارتَ يا سفارش ڪرڻ جو اختيار هوندو هو. جيتوڻيڪ ان تي عمل ڪرڻ هڪ خطرناڪ ڪر هو. (ٽئسيٽس. تاريخ جا ورق (xvi.26) تراجن جي وقت ۾ اها ڳالهه شڪ ۾ پئجي وئي ته مئجسٽريٽ، ڪو عهدو هو يا نالو. (پلني - تحريرن ۾).

16. آمر حڪمرانَ پاڻ ايلچي يا سفارتي سفير ٿيڻ لاءِ آتا هئا. بااخلاق شهزادا، جُستجو ۾ ته مائيٽيا ۽ اعتدال پسند هئا پر ڏيوتي سرانجام ڪرڻ ۾ تيز ۽ نهايت سنجيدا هئا. تراجن، قَسر ڪٽڻ جي قديمي روايت کي وري جيئاريو ۽ مئجسٽريٽن جي سامهون پاڻ قَسر ڪنيو ته هو قانون قاعدن جو پوريءَ طرح پابند هوندو. (پلني، پٽينجائرڪ ۾. باب 64).

17. (جڏهن هن مئجسٽريٽن جي اليڪشن ۾ حصو ورتو، ته هن ٻين اُميدوارن سان گڏجي سيني واردن جو چڪر لڳايو ۽ پنهنجي روايتي طريقي سان پنهنجي تورِي دوستن لاءِ ماڻهن کي ووٽ ڏيڻ جو چيو. هن پاڻ پنهنجي لاءِ به ووٽ وڃي ڏنو بلڪل اهڙيءَ طرح جڪ هو هڪ عام رواجي ماڻهو هجي.) نوٽ: مٽيان لفظ يوناني يا لاطيني هوليءَ جا آهن جن جو ڪتاب ۾ ڏنل انگريزي لفظن جو مون سنڌي ترجمو ڪيو آهي. (سنڌيڪار).

18. (تڏهن اليڪشن، شُهرت رکندڙ اسيمبليءَ مان، پهريون پيرو سينيٽ ڏانهن منتقل ٿي وئي.) لفظ پرمَر شايد اُنهن اَڻ چٽين ۽ ناڪام ڪوششن ڏانهن اشارو ڪري جيڪي اليڪشن کي ٻيهر عوام طرف واپس ڪرڻ لاءِ ڪيون ويون هيون.

19. ڊائن ڪسيئس (14 - 703 ,Iiii) شهنشاهي حڪومت جو آخري وڏو نقشو ڪڍيو آهي. سندس بيان جي وضاحت ڪندي ۽ گهٽ ڪري سندس ڏرستيون ڪندي، مون ٽسيٽس تي غور ڪيو. سوٽونيئس کي توريو تڪيو ۽ ان کان سواءِ جديد فڪر جي هيئين صاحبن جي ڪمن جو مون غور سان جائزو ورتو: نقش و نگار جي اڪيڊمي جي ابي ڊي لابليٽري , ٽام , (XIX,XXI,XXiv) رومن ريپبلڪ ۾ بيوفورٽ، (1255 - 75) . ان کان سواءِ نوٽ ۽ گرونوويس جا مضمون جيڪي 1731ع ۾ ليڊن ۾ ڇپيا.

20. هڪ ڪمزور شهزادو سدائين، سندس ٽي پالیل غلامن ۽ نوڪرن چاڪرن جي مرضيءَ مطابق پيو زندگيءَ جو گاڏو ڇهليندو آهي. غلامن جي طاقت، رومين جي شرمساريءَ کي ايا وڌائي ڇڏيو هو. هن سلسلي ۾ سينيٽ پاران پالس ديوي کي نرگسي گلن جو نذرانو (يا صدقو) پيش ڪيو ويو. ان جو به امڪان آهي ته جديد پسند وارو ڪو پُروقار شخص هجي.

21. ڏسو وٽن ڊيل جي تحريرَ، ڊي ڪنسڪريشن پرنسيپر ان ڇاڻ رکندڙ ڏڃ جو قول، منهنجي لاءِ تصديق ڪرڻ جي بجاءِ، ڪاپي ڪرڻ وڌيڪ سؤلو آهي.

22. ڏسو نقش و نگار جي اڪيڊمي جي پهرئين جلد ۾ ابي مانگالٽ جو هڪ مضمون.

23. ("اسان قسمن ڏيڻ لاءِ عبادتگاهَ ٿنهنجي ٽي نالي ۾ تعمير ڪيا آهن") هورئس، خود شهنشاهه کي چوي ٿو ۽ هورئس، آگسٽس جي دربار کانَ ڇڪيءَ طرح واقف هو.

24. ڏسو فِلپڪ ۾ سِسيرو (16) سِزئريبَس ۾ جُولئس. (" ۽ خدائن جي مندرَ ۾، روم، مرحومن جي رنگ ۽ مزاج مطابق قسم کڻندو") ليوسن ڪاوڙ مان اظهار ڪيو، پر ان اظهار ۾ مذهبي ڪاوڙ جي بجاءِ حُب الوطني وڌيڪ آهي.

25. ڏسو ڊائن ڪسيئس (Iiii,710) ريمر جي حاشين سميت.

26. جيئن آڪٽئوئينس سيزر طرفان ڏنل شاهي دعوت ڏانهن اڳتي وڌيو ته سندس رنگُ ساندي جيان بدلجي ويو، پهريون پيلو، پوءِ ڳاڙهو آخر ۾ ڪارو، پوءِ هن رومي سُونهن جي ديوي زهره (Venus) جو هلڪو لباس پاتو، هي تصور جيڪو جُولين پنهنجي ڪمال جي افساني ۾ اختيار ڪيو هو بيحد شاندار آهي، پر جڏهن هو افساني ڪردار کي حقيقت جي روپ ۾ ڏسي ٿو ته ان کي هو فلسفي جي طاقت ٿو سمجهي. اهڙيءَ طرح هو ٻنهي، يعني فلسفي توڙي آڪٽئوئينس جو مانُ مٽاهون ڪري ٿو.

27. موروثي حاڪميت جي قائم ٿيڻ کان ٻه صديون پوءِ، شهنشاهه مارڪَس ائنٽونينَس، بُروٽس جي ڪردار کي رومي گُڻن جو بهترين نمونو ٿو سڏي.

28. اهو ٻڌائيندي ڏاڍو افسوس پيو ٿئي ته اسان کان ٽسيٽس جي تحرير جو اهو حصو گُم ٿي ويو آهي جنهن ذريعي معاهدو عمل ۾ آيو هو. اسان کي هاڻي مجبور ٿي، جوزفس کان اسان تائين پهتل ڊاڻن ۽ ٻڌاڪَن ۽ ڊائن ۽ سوٽونيَس جي اٽڪل اِشارن تي ٽي پاڙڻو ٿو پوي.

29. آگسٽس نظر ۽ ضبطَ جي قديمي سختيءَ کي ٻيهر لاڳو ڪيو. خاص جنگين کانپوءِ، هن پيارَ مان پڪارڻ جو لقب: " دوست سپاهيوا" ختر ڪري فقط، "سپاهيوا،" چوڻ شروع ڪيو. (آگسٽس ۾ سوٽونيَس (باب - 25) ڏسو پنونيا جي فوجن جي بغاوت ۾ ٽائبيريَس جو ڪردار جيڪو سينيٽ جي پڌاوار هو. (ٽسيٽس - تاريخ جا ورق - i) .

30. هي لفظ آئيني ٻولي۽ جا تا لڳن. (ڏسو: ٽئسيٽس - تاريخ جا ورق xiii,4) .

31. پهريون فساد ڪئميلس اسڪربونئينس جو هو جنهن ڪلاڊيس جي خلاف، ڊالمٽيا ۾ هٿيار کنيا ۽ جنهن کي پنجن ڏينهن اندر پنهنجون ئي فوجون سندس ساٿ ڇڏي ويون. ٻيو ايل ائٽونيس جو جرمني۽ ۾ ٽيو جنهن ڏوميٽين خلاف بغاوت ڪئي، ۽ ٽيون ايم.ائٽونينس جي حڪومت ۾ ائويديس ڪئسيس جو هو، ٻن پوين، ٽورڙن مهينن لاءِ حڪومت ڪئي جن کي پنهنجا ئي ڇڏي هليا ويا. اسان جي مشاهدي ۾ ٽ ٻنهي، يعني ڪئميلس ۽ ڪئيسيس پنهنجي خواهش ۽ جمهوريه کي ساڳي اوج تي آٽڻ جو پروگرام ناهيو ۽ اُهو، "هڪ اهڙو ڪم هو، ڪئيسيس چيو، جيڪو هن جي نالي ۽ ڪُتب لاءِ مخصوص ٽيل هو."

32. ويليس پيٽرڪيولس, ii, 121) ٽائبيريس ۽ سوٽو نيس باب - 20).

33. ٽائيٽس ۽ سوٽونيس (باب - 6، پريفيٽ ۽ پلني.

34. ٽئسيٽس طرفان هن تصور کي هِنئين سان هنڊائڻ لاءِ بار بار ۽ زوردار طريقي سان چيو ويو آهي

35. ويسپاسيان شهنشاهه پنهنجي دستوري سُني مزاج موجب شِجري ۽ نسل جي ماهرن تي ڪِليو جن سندس خاندان کي فلئويس سان وڃي ملايو هو جيڪو ريٽ جو باني هو (هي ويسپاسيان جو آبائي ملڪ هو).

36. ڊائن , Ixviii, 1121) .پلني، سيڪُنڊ، پئنيجائرڪ ۽.).

37. فيليسٽر آگسٽو، ميليئر ٽراجنو، يُوٽراپ، (viii,5)

38. ڊائن (Ixix, 1249) هنجي پيءُ کان پَڪ ڪرڻ جي بنياد تي سڃي قصي جي هڪ افسانوي حيثيت جي تصديق ٿو ڪري. هڪ صوبي جي گورنر هئڻ جي حيثيت ۽، جتي ٽراجن مئو هو، ڪيس بهترين موقعو هو ته هڪ ڳجهي دستاويز جي هو ڇڳيءَ طرح چنڊَ چاڻَ ڪري. تنهن هوندي به ڊاڊويل (پريليڪٽ ڪئمدين ۾ پنهنجي راءِ ۾ اسانکي ٻڌائي ٿو ته ٽراجن جي زندگيءَ ۾ ٽي هئڊرئن کي شهنشاهت سؤنپڻ جي آسري ۾ گهرايو ويو هو.

39. ڊائن , Ixx, 1171) آريليس وکٽر).

40. ائٽونيس جي پُوڇا، سندس تمغا، بُتَ، مندرَ شهر، اڳڪٽيون ۽ دوستن جون چؤياريون سپ ڇاتل سڃاتل آهن جيڪي ايا تائين هئڊرئن جي ياد لاءِ ذِلت جو باعث بڻيل آهن. تنهن هوندي به اسان جو تجربو اهو آهي ته پهرين پندرهَن شهنشاهن منجهان، فقط ڪلاڊيس اهڙو هو جنهن جي پيار ۾ پسند بلڪل صحيح هئي. ائٽونيس جي اعزازن لاءِ ڏسو اسپانير جو، ڪمينٽرئس سُرليس سيزرس ڊي جوليئس (ص - 80).

41. آگسٽ جي تاريخ (ص - 12، ايپيٽوم ۾ آريليس وکٽر).

42. تمغن ۽ نقشن جي مدد ڪانسواءِ، اسان ان حقيقت کان بي خبر رهنداسون جيڪا پِيس جي ياد لاءِ ڏاڍي عزت لائق آهي.

43. پيس جي ٽيويهن سالن جي حڪومت ۾، مارڪس پنهنجي محلات کان ٻه راتيون غير حاضر رهيو هو، ۽ اُهي به وري مختلف وقتن تي هيون. (آگسٽس جي تاريخ - ص - 25)

* (روم جي مثالي شهنشاهن مان ٻيو نمبر شهنشاهه (772-716 ق - م).

44. هُو ٽيٽر ڏسڻ جو شوقين هو ۽ عورتن جي سونهن سوڀيا طرف بہ راغب هو. (مارڪَس ائنٽونينَس (i,16) آگسٽ جي تاريخ، ص - 2، 21) سيزر ۽ جُولين).

45. مارڪَس جي دشمنن مٿس منافقت جو الزام مڙهيو ۽ ساڳي وقت اهو بہ چيو تہ منجهس سادگيءَ جي گهٽتائي آهي جيڪا پِيَس ۽ ويرَس جي خاص خصوصيت هوندي هئي. (آگسٽ جي تاريخ. ص -34) هي شڪَ جيڪو ناانصافيءَ تي ٻڌل هو، پر جيڪو اسانکي ٻي حساب ڪتاب ڪرڻ ۾ شايد مدد ڏئي ۽ ڪنهن ماڻهوءَ جي سماجي ڪُٽن جي پيڻَ ۾ ان جي ذاتي خاصيتن کي وڌيڪ ۽ تمام وڌيڪ ساراهڻ جو سبب بڻجي. مارڪَس ائنٽونيَس کي بہ منافق سڏيو ويو آهي، پر سيزر بابت جيڪا ٻي انداز شڪ جي فضا موجود هئي. ان ۾ ڪڏهن بہ اهو نہ ٻڌايو ويو هو تہ هُو بزدل هو، يا ٽلي هڪ بيوقوف انسان هو. ذهانت ۽ بهادري اهڙيون خاصيتون آهن، جن جو انسانيت يا انصاف سان محبت رکڻ جي مقابلي ۾ وڌيڪ قدر ڪيو وڃي ٿو.

46. ٽئسيٽَس تمام ٿورڙن لفظن ۾ سامهون واري پوزيشن جي تعمير جا واضح اصول ٻڌايا آهن. (ٽئسيٽس، تاريخ iv,5) .

47. جرمنيءَ جي خلاف ٻي معرڪي تي رواني ٽيٽ ڪان اڳ ۾، هُن ٽِن ڏينهن تائين رومين ۾ فلسفي بابت ليڪچر پڙهيا. هو يونان توڙي ايشيا جي شهرن ۾ اڳ ۾ بہ ساڳيو نيڪيءَ جو ڪر ڪري چڪو هو.

* اسٽائڪي فلسفي جوباني.

48. ڊائن (Ixxi, 1190) .ائوِد ۾ آگسٽ جي تاريخ. ڪشيو.

49. مارڪ ۾ آگسٽ جي تاريخ، ائنٽونن - (باب - 18)

50. وِٽَليَس رڳو ڪائڻ پيئڻ ۾ اسانجي ڇهَن مِلين (سٽ لکَن) جيترا پئسا فقط ستن مهينن ۾ ڇڪائي ويو. سندس خرابين کي عزت سان توڙي شرافت سان ڳٽائڻ نہ اسانجي وَسَ ۾ آهي ۽ نہ اسان لاءِ ايترو آسان آهي. ٽئسيٽَس ڪيس سُوئر ٽوڪوئي جيڪو سندس صحيح لقب ٿو لڳي، پر اِهو بہ تڏهن، جڏهن ايڏا وڌيڪ ٻُجهڙي نالي کي هُن چڱي لقب سان بدلايو. (پَر وِٽَليَس جهنگلي جانورن جيان پنهنجي ملڪ جي اڪيلي ڪُنڊَ ۾ ڪٽي پيو هوندو هو، جن کي جيڪڏهن ڪاڏو اڇلايو وڃي ٿو تہ هُو ڪاهليءَ ۾ زمين تي ليٽيا ۽ ڪِريا پيا هوندا آهن. جن جو حال، ماضي ۽ مستقبل ڇڻ فقط وسارڻ ۽ ميسارجڻ لاءِ هوندو آهي. ۽ اهڙيءَ طرح سندس آفريڪا جي جائداد تي بہ هُو ڦان ڪري ڪريو پيو هو ۽ ايترو تہ ڏَءُ ڪري ڪاڏو هٽائين جو هُو .....") (ٽئسيٽَس تاريخ - iii) .

51. هيلِوِيڊيَس پِرسڪَس ۽ نيڪ اِپونِينا کي موت جي سزا ڏيڻ تي ويسپاسيان جي حڪومت کي بدنامي پلئه پئي هئي.

52. وائيبيج ڊي چارڊن اين پرس.

53. غلامن کي رياست جي اهر جڳهن تي مقرر ڪرڻ جو رواج فارس وارن جي مقابلي ۾، تُرڪن ۾ وڌيڪ عام آهي. جارجيا ۽ سَرڪاسيا جهڙا بد قسمت مُلڪ اوير جي غلامن جو گهٽو حصو حاڪمن جي حوالي ڪندا هئا.

54. چارڊن چوي ٿو تہ يورپ جي سياحن، فارسين ۾، اسانجي حڪومتن جي آزادي ۽ روَين بابت تاثر کي ڪافي پکيڙيو آهي. هنن، اُنهن سان اهو سڻو نہ ڪيو آهي.

55. اُنهن اِسڪيپيو ۽ ڪاتو جي مثال جو الزام مڙهيو (ٽئسيٽس، تاريخ جا ورق (iii,66) - مرسيلَس، ايپيرس، ۽ ڪِرسپَس وائبيَس اِدائي مِلين جيترا پٽسا نيرو جي حڪومت ۾ ورتا هيا. سندن دولت جي نشي اُنهن جي ڏوهن کي وڌائي چڌيو پر ويسپاسيان جي حڪومت ۾ اُنهن کي بچايو ويو. (ڏسو: ٽئسيٽَس، تاريخ (iv,43) تقريرن جا ٽُڪرا (باب - 8) هڪڙي الزام لاءِ، ريگيولَس، (جيڪو پلني جي طنز جو شڪار ٿيو) سينيٽ کان سفارتي ڳهَ، زيوَر ورتا ۽ سٺ هزار پائونڊن جو تحفو پڻ وصول ڪيو.

56. شهنشاهن جو ڏوهه، آڳَ روم جي ماڻهن خلاف غداريءَ جي وڏي ڏوهَه جي دائري ۾ ايندو هو. ماڻهن جي مٿجسٽريٽن جي حيثيت ۾، آگسٽس ۽ ٽائبيريَس، اهڙن ڏوهن کي پنهنجي ذات تي به لاڳو ڪيو ۽ پوءِ ان جي دائري کي وڌيڪ وڌائي چڌيو.

57. جڏهن جَرمنيڪَس جي پاڪ دامن ۾ بدقسمت بيوَه کي موتَ جي سزا ڏني وئي ته سينيٽ، ٽائبيريس شهنشاهه طرفان رحم ڪرڻ تي سندس احسانَ مڃيا، پوءِ جو ڪيس ماڻهن جي سامهون گُهٽا ڏئي يا سندس جسر کي لوهي وانگوڙي ۾ لڙڪائي ڳهليو نه ويو هو جتي ننڍا ننڍا ڏوهَ وڌيڪ نمايان ٿين ٿا. (ڏسو: ٽئسيٽَس، تاريخ جا ورق vi,25, ٽائبيريس ۾ سوٽونيَس . باب - 53).

58. سيرينَس ايجين سمنڊ ۾ هڪ ننڍڙو جابلُو ٻيٽ آهي جنهن جي رهواسين کان سندن جهالت ۽ گمنامي سبب، بُجهان ڪئي ويندي هئي. اوڀڙ جي جلاوطنيءَ واري جڳهه، سندس بزدليءَ واري روڄ راڙي ڪرڻ سبب ڄاتل سڃاتل آهي. نظر اٿين تو اڇي ته ڪيس فقط حڪر مليو ته هيترن ڏينهَن ۾ هُو روم چڌي هليو وڃي، ۽ پاڻ کي ڪٽائي تومي پهچي. باقي چوڪيدارن يا جيلرن جو ذڪر اڃايو آهي.

59. ٽائبيريس جي حڪومت ۾، هڪ رومي سردارَ پارٿينَس ڏانهن پڄي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي. سِسلي جي پاڻيءَ جي لنگهَ وٽ ڪيس روڪيو ويو، پر ان مثال ۾ ايترو ته ننڍڙو خطرو هو جو تمام حاسد طبيعت رکندڙ آمِرَن به اِن عمل تي سزا ڏيڻ کان ڪِيهايو. (ٽئسيٽَس، تاريخ جا ورق - vi, 14)

60. ائڊئميليئرس ۾ سِسيرو. (iv,7)

باب - چوٽون

ظلمَ، حماقتون ۽ ڪمودس جو قتل - پرٽينئڪس جي اليڪشن - رياست جي سڌاري لاءِ سنڊس ڪوششون - بادشاهه جي محافظن هٿان سنڊس قتل.

مارڪَس جي طبيعت جي نرمي ۽ هر هڪ سان دوستي ۽ خوش مزاجي، سنڊس ڪردار جي فقط هڪڙي گهٽتائي هئي جنهن ڪي اسٽائڪن جو سخت نظر ۽ ضبط بہ ختر نہ ڪري سگهيو هو. سنڊس دل جي سُٻائي ۽ صفائي، سنڊس ڪمال جي ڏاهپ جي پيٽَ ۾ وڌيڪ واکاڻَ جوڳي هئي. مطلبي ماڻهو، جيڪي شهزادن جي اندر ۾ جهاتي پائي سندن جذبا ۽ احساس بنا دير پوهي ونندا آهن پر پنهنجا لڪائي ويندا آهن. فلسفي جي طالب هڻڻ جو ڍُونگ رَچائي وٽس پهچي ويندا هيا ۽ ڪائنس تمام گهٽا انعام اڪرام ونڊي واپس ٿيندا هيا پر ظاهري فريب اهو ڪندا هٿا تہ انهن شين جي ڪين گهُرجَ نہ هئي. [1] پنهنجي ياءِ پنهنجي زالَ ۽ پنهنجي پُٽ سان، سنڊس حد ڪان وڌيڪ مهربانين سنڊس ذاتي اخلاق ۽ چڱاين جي دائري کي اورانگهي ڇڏيو جنهن جو نتيجو براين جي هڪ سماجي ڏَٽَ جي صورت ۾ وجي نڪتو.

پِيَس جي ڏيءَ فاسٽينا،(Faustina) جيڪا مارڪَس جي زال هئي، پنهنجي حُسن سان گڏ نازن نخرن جي ڪري بہ گهٽي مشهور هئي. فلسفي بادشاهَ جي آڏاهہ سادگي، سنڊس زال جي هلڪڙي طبيعت ۽ عياشي واري فطرت کي فقط پنهنجي ذات ڏانهن متوجہ ڪري سگهڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي ۽ نہ وري هنجي لامحدود ۽ ڪيس بيچين ڪندڙ خواهشن جي طرح طرح سان پورائي ڪرڻ جو ادراڪ ڪري سگهي، جيڪي ڳالهيون انسانذات جي انتهائي نِيچ نَسُل ۾ ليندين آهن. [2] قديمي ماڻهن جي جسماني خواهشن جو خدا ڪيوپڊ (Cupid) هڪ شهواني ديوتا هو، ۽ بادشاهزادي۽ جون جنسي خواهشون،ڏانهَس وڏندڙ آڏو ڪنهن بہ جذباني لڳاوَ يا نازڪ پڻي جون محتاج نہ هيون. سچي بادشاهت ۾ اڪيلو مارڪَس ئي هيو جيڪو فاسٽينا جي غلط حرڪتن کان يا تہ ناواقف هو يا بي جِسي اختيار ڪري ڇڪو هو، جنهن سبب جيئن هر دوُر جي مجيل رويَن ۽ روايتن مطابق هوندو آهي، اهو سلسلو هڪ زخر ڪاڌل مُڙس لاءِ ويتر بيعزتي جو باعث هو. هُن سنڊس ڪيترن ئي عاشقن کي عزت ۽ فائدي وارن عهدن [3] تي ترقي ڏئي ڇڏي ۽ ساڻس ٽيهن سالن جي لڳاتار تعلق دوُران ڪيس پنهنجي مڪمل اعتماد جا ثبوت ڪيس ڏنائين ۽ هنکي اهڙي عزت ڏنائين جيڪا سنڊس زندگيءَ ۾ ختر نہ ٿي سگهي. پنهنجي فڪر انگريز تحريرن ۾ هو ديوتائن جو احسان ٿو مڃي جن ڪيس اهڙي زالَ عطا ڪئي هئي جيڪا ساڻس وفادار هئي، بااخلاق هئي ۽ جنهنجي هلت چلت ۾ سادگيءَ [4] جون ڪمال جون وصفون انتهائي حدتائين منجهس هوندیون هيون. سنڊس ئي گذارش ڪرڻ تي، هڪ چاپلوس سينيٽ ڪيس ديوي جو لقب مٿس مڙهي ڇڏيو. مندرن ۾ سنڊس پوڄا ٿيڻ لڳي ۽ سنڊس وصفن کي، يوناني ديوي جُونو(Juno) پيار ۽ سُونهن جي رومي ديوي زُهره (Venus) ۽ رزق ڏيڻ جي رومي ديوي سيرس (Ceres) سان ملايو ويو ۽ اها فتويٰ بہ جاري ڪئي وئي تہ

اڳتي لاءِ نوجوان جوڙا پنهنجي شاديءَ جي رسمن جي موقعن تي پنهنجي پاڪدامن سرپرست [5] جي قربان گاهه آڏو بيهي عزت احترام پيش ڪن ۽ هڪ ٻئي سان وفا جا واعدا ڪن.

هن جي پٽ جي تمام وڏين خرابين، سندس پيءُ جي سُستي ڪردار ڪي اونداهو ڪري ڇڏيو آهي. مارڪس سان ڪيترن ماڻهن اعتراض ڪيو ته سندس نالائق پٽ جي خواهش کي پوري ڪرڻ لاءِ هُن لکين ماڻهن جون خوشيون قربان ڪري ڇڏيون هيون، ٻيو ته هُن سڄي جمهوريه کي ڇڏي پنهنجو جانشين پنهنجي ئي ڪتب ۾ وڃي چونڊيو. پر هڪ فڪرمند پيءُ ماڻهن جي ڪنهن به ڀالهه کي لنوائي نه ڇڏيو پر هُن اُنهن سڀني عالمن ۽ بلند ڪردار ماڻهن کي پنهنجي مدد لاءِ ٻاڻ وٽ گهرايو ته جيئن ڪموڊس جو ننڍڙو دماغ ڪُلي ۽ ان ۾ معاملن کي پُرجهڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي. سندس وڏندڙ خرابين کي دور ڪجي ۽ ان کي تخت تي ويهڻ لائق بنائجي جنهن لاءِ ڪيس چونڊيو ويو هو. پر هدايتن ڏيڻ جو عمل شايد ڪڏهن ئي ڪارائتو ٿيندو آهي سواءِ اُنهن ٿورڙن خوش نصيب ماڻهن جي، جتي وري ان جي ضرورت گهٽ هوندي آهي.

سندس فيلسوف پيءُ جا سبقَ جيڪي هن لاءِ اَٽوٽندڙ هٿا، هڪ لحظي ۾ سندس هڪ دلپسند ماڻهوءَ جي ڇُغليءَ برباد ڪري ڇڏيا. ۽ مارڪس خود سندس تعليم جي قَل ڪان پنهنجي پاڻ کي محروم ڪري ڇڏيو ڇو ته پنهنجي پٽ کي فقط 14-15 سالن جي ڪچڙي عمر ۾، بادشاهيءَ سان لاڳاپيل سڀني معاملن ۾ حصو ونڊايائين. هو پاڻ ان ڪان پوءِ فقط چار سال جيئرو رهيو. پر پنهنجي غلط قدم تي پڇتائڻ لاءِ در حقيقت گهٽو ئي وقت زندهه رهيو جنهن باعث هن اُبهري نوجوان کي ڪنهن به دليل يا اختيار جي حدن کان متاهون ڪري ڇڏيائين.

تمام گهٽا ڏوهَ، جيڪي ڪنهن به سماجَ جو اندروني سڪون برباد ڪن ٿا، گهٽو ڪري ضابطن کي هڪ طرفو مڙهڻ سبب ٿين ٿا ۽ ملڪيت جي غير منصفانه قانونن ذريعي انسانذات جي هوَس مٽان لاڳو ڪيا وڃن ٿا. ۽ ملڪيت جا مالڪ ته ڪي ٿورا وڃي بڻجن ٿا پر اُميدوارن جي لسٽ وڏي ۽ خواهشون لا محدود ٿين ٿيون. وري اسان جي سڀني جذبن ۽ خواهشن ۾، حاڪميت جي اختيار حاصل ڪرڻ جي طلبَ وڏي ظالم شئي آهي ڇو ته هڪڙي ماڻهوءَ جي غرور آڏو بيشمار ماڻهن کي جُهڪڻو ٿو پوي. نتيجي ۾ عوامي گوڙ شور ۽ ڇڪتاڻ جنم وٺي ٿي ۽ سماجي قانونَ پنهنجو اثر وجهائي ٿا ڇڏين. ۽ پوءِ ان جي جڳهه يا خال کي به انسان يا انسانيت به نٿي پري سگهي. جهيڙن جهڳڙن ۾ طبيعت جي گرمي، فتح تي ناز، ڪاميابيءَ ۾ ملندڙ نراسائي، پراڻن ڏَکن ۽ زخمن جي ياد ۽ ايندڙ خطرن جو خوف - سيئي جذبا گڏجي ذهن ۾ هڪ باهه ٻرڪائي ٿا ڇڏين. ۽ پوءِ رحمَ جو اندر وارو آواز خاموش ٿي وڃي ٿو. اهڙين نيتن ۽ ارادن سان تاريخ جو هر صفحو انسانن جي رَتُ سان داغدار آهي پر اهڙن اِرادن جي ڪموڊس جي اَڻ اعلانيل يا اوچتن ظلمن سان پيٽ نٿي ڪري سگهجي جنهن ۾ جي، مزا ماڻڻ ۽ عيش ڪرڻ کان سواءِ، زندگيءَ ۾ هي ڪابه خواهش ڪانه هئي. مارڪس جو پيارو پٽ، سينيٽ ۽ فوجين جي منظوري [6] ۽ شادمانن سان پيءُ جو جانشين ٿيو ۽ جڏهن هو تخت تي ويٺو ته خوشين سان ڀرپور نوجوان کي پنهنجي آس پاس نه ته ڪو اهڙو ماڻهو نظر آيو جنهن جي للڪار جي صورت ۾ هو ڪيس هٽائي سگهي ۽ نه وري ڪيس کي دشمَن نظر آيا جن کي هو سزا ڏئي سگهي. اهڙي پُر سڪون وقت ۾

اهوعين فطري هيو ته هو انسانن جي ڏکار جي جڳهه تي اُنهن جي محبت حاصل ڪري ۽ نيرو ۽ ڊوميٽين جي ذلت واري بدنصيبيءَ جي بجاءِ، پنهنجن پنجن اڳ وارن جانشينن جي مانيٽي شان شوڪت ۾ حصيدار بڻجي.

ان جي باوجود، جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي، ڪمودس هروپرو اهڙو چيتو يا شينهن نه هو جنهن کي انساني رَت پيئڻ جي نه اُجهامندڙ اُڃ هجي، پر هو پنهنجي ٻالڪپڻ کان وٺي غير انساني ڪر ڪندو هو. [7] قدرت طرفان ڪيس هڪ ظالم نه پر ڪمزور سانچي منجهان گهڙيو ويو هو. سندس سادگي ۽ سندس بزدلي، هنکي پنهنجن ٽي نوڪرن چاڪرن جو غلام بنائي ڇڏيو هو جن آهستي آهستي سندس اخلاق عادتن کي بگاڙي ڇڏيو. هو پهريون ته ٻين جي چوڻ ۽ ترغيت ڏيڻ تي ظلمَ ڪندو هو، پر پوءِ جڏهن ظلم جي زيادتي ٿي ته اُها سندس عادت بڻجي وئي ۽ پوءِ اُها عادتَ سندس رُوحَ ۾ رچي پچي ۽ سندس شخصيت جو حصو بڻجي وئي. [8]

پنهنجي پيءُ جي مرڻ وقت، ڪمودس پنهنجي تمام وڏي فوج، ۽ ساڳي وقت قادي ۽ مرڪماني خلاف ڏکي جنگ جي طريقي کان ڪافي پريشان هو. [9] ڏهني طرح نِيچ قسم جا لوفر ۽ گندا نوجوان جن کي سندس پيءُ مارڪَس ملڪَ نيڪالي ڏئي ڇڏي هئي، نئين بادشاهه تي پنهنجو اثر رسوخ هلائي، انجي ويجها ٿي ويا، اُنهن ڏينهن ڪان پري وارن ملڪن تي فوج ڪشي ڪرڻ کي انتهائي خطرناڪ ڄاڻايو ۽ اهڙي مهم جُوئيءَ جي تڪليفن ۽ خطرن بابت بادشاهه کي وڏائي چڙهائي ڳالهيون ٻڌايون، ۽ ڪاهل شهزادي کي يقين ڏياريائون ته سندس نالي جي دهشت ۽ سندس تابعداري ڪندڙ فوجون ٿي نا اُميد ۽ نا اهل بربرن تي پنهنجي شاندار سوپَ ماٿي وڻندڙين يا وري اُتي اهڙين حالتون پيدا ڪيون ويندڙين جو اُهي فتح جي پيٽ ۾ بادشاهت لاءِ وڌيڪ فائديمند ثابت ٿيندڙين. سندس شهواني گُهرجن جو چالاڪيءَ وارو فائدو وڻندي، سندس سائين روم جي سُکون، شان شوڪت، آرام ۽ آسائش جو مقابلو پنونيا جي فوجي ڪئمپ سان وجي ڪيو جتي نه ته فرصت جون گهڙيون ميسر ٿيندڙين ۽ نه وري عياشيءَ جا ذريعا موجود هوندا. [10] ڪمودس پنهنجي سائين جي صلاح ڏيڻ تي اندرئي اندر ۾ خوش ته ٿيو پر جيستائين هُو پنهنجي ارادن ۽ پنهنجي پيءُ جي سائين جي خوفَ، جيڪو سندس دل ۾ ايا تائين وينل هو، جي وِچ واري ڇڪتاڻ جو ڪو فيصلو ڪري، ته اونهارو چُپ چاپ ۾ ئي گذري ويو ۽ گاديءَ جي هنڌ ۾ سندس فاتحانه استقبال ۽ آمد کي سَرءُ جي مُند تائين ملتوي ڪيو ويو. سندس مانائتي شخصيت، [11] سندس بهترين تقريرَ ۽ خيالي ڪردار ماٿهن کي ڪنهن حد تائين متاثر ڪيو ۽ جيڪو بربرن کي هن عزت واري آمن قائم ڪرڻ جو يقين ڏياريو هو، ان باعث هر طرف خوشي ۽ شادمانن جي فضا قائم ٿي وئي، [12] روم جي ٻيهر سفر ڪرڻ جي سندس بيتابيءَ کي مُلڪ سان سندس محبت جي علامت سمجهيو ويو، ۽ عياشيءَ طرف مائل سندس طبيعت کي، اهو چئي نرم لفظن ۾ ٻُندیو ويو ته شهزادو 19 سالن جو نوجوان هو.

پنهنجن پهرين ڏن سالن جي دوڙ ۾ حڪومتي نظام جي پراڻي طريقي ۽ پراڻي بنياد تي هلائڻ جو سرشتو اُنهن وفادار صلاحڪارن طرفان قائم ڪيو ويو هو جن کي مارڪَس، پنهنجي پٽ لاءِ سفارش ڪئي هئي ۽ جن جي ڏاهپَ ۽ سچائيءَ لاءِ ڪمودس کي ڪجهه بي دليءَ واري عزت هئي، نوجوان شهزادو ۽ سندس اوباش ساٿي طاقت جي نشي ۾ عياشيءَ جي مزن ماڻڻ ۾ مَگن ٿي ويا هيا پر سندس هَڏَ اڇا ڪنهن جي خونَ سان داغدار نه ٿيا هيا ۽ هن

پنهنجيون چگاين جي فياضي ۽ ڏيکارڻ شروع ڪئي هئي جن جي ڪري سندس ڪردار نيڪيءَ طرف مائل ٿيڻ جو گهٽو امڪان پيدا ٿي ويو هو. [13] پر هڪ موتمار واقعي سندس ڪردار جي لاهن چاڑهن جو فيصلو ڪري ڇڏيو.

هڪ سانجهيءَ جو جيئن بادشاهه پنهنجي محلات ڏي موٽڻ وقت سوڙهي ۽ اونداهي ورانديءَ مان گذري وڏي هال ۾ داخل ٿيڻ وارو هو، [14] ته هڪ قاتل جيڪو سندس گذرڻ واري رستي تي هنجو انتظار ڪري رهيو هو، اُگهاڙي ترار سان مٿس حملو ڪري ڏنو ۽ وڏي واڪي رڙڪندي ڪيس چيائين:

'وَٺ هي سينيٽ جو تحفو.' پر خطرو رکجي ۽ ٽري ويو جو قاتل کي بادشاهه جي محافظن پکڙي مٿس قبضو ڪري ورتو جنهن فورن سازش ڪرائيندڙن جا نالا ظاهر ڪري ڇڏيا. سازش، رياست طرفان نه پر سندس ئي محل جي چار ديواريءَ اندر سِٽي وئي هئي. بادشاهه جي پيٽ ۽ لوسيس ويرس جي بيوه ليوسيلا، جيڪا پنهنجي ٻي نمبر واري حيثيت تي سخت بيچين ۽ بادشاهزاديءَ جي اختيارن جي حسد ۽ ساڙ ۾ سڙيل هئي، پنهنجي پاءُ کي ختم ڪرڻ لاءِ قاتل کي تيار ڪيو هُئائين. ڪيس اها جرئت نه ٿي هئي ته پنهنجي ڪُڌي ڪر جي باري ۾ پنهنجي ٻي مڙس ڪلاڊيَس پامپيئنَس کي ڪجهه ٻڌائي جيڪو هڪ مرتبي وارو سينيٽر، ۽ مستحڪر مزاج ۽ وفادار شخص هو، پر پنهنجي عاشقن جي ميڙ منجهان (جو ته هن به فاسٽينا واري ڪردار جي ڪاپي ڪئي هئي) ڪيس مختلف پاڻ ۽ ڇُڙواڳ ارادن وارا ماڻهو ملي ويا جن سندس زندگي ۾ تيزيءَ سان هلڻ ۽ سندس نازڪ ۽ البيلن جذبن سان کيڏڻ چاهيو هو. سازشين کي انصاف جي سختين جو مُنهن ڏسڻو پيو. جدا ٿيل شهزاديءَ کي سزا ملي، پهريون ڪيس ملڪَ نيڪالي ڏني وئي پوءِ ڪيس موت جو ذائقو چکڻو پيو. [15]

پر قاتل جا لفظ ڪمودس جي دل ۽ دماغ ۾ گهُر ڪري ويهي رهيا ۽ سينيٽ جي پوري اداري لاءِ سندس اندر ۾ خوف ۽ نفرت جا ڪارا ڪڪَر ڇانئجي ويا. جن وزيرن کان انڪري خفي هوندو هو ته هر دفعي وٽس کو عرض ڪئي ايندا هٿا، هاڻي اُهي ڳجهَن دشمنن جي صورت ۾ ڪيس نظر اچڻ لڳا، ڊليٽرس (The Delators) انسانن جي اُها قوم جيڪا اڳين حڪومتن ۾ صفا ختر ٿي چڪي هئي، وري کٽان پيدا ٿي ۽ خطرناڪ بڻجي وئي، جيئن ئي کين خبر پئي ته بادشاهه سلامت سينيٽ کان سخت ناراض هو ۽ ان ڳالهه جو به کين امڪان نظر ٿي آيو ته ان ٿي غداريءَ جو الزام به مڙهجي سگهيو ٿي. اُها اسيمبلي جنهن کي مارڪَس سدائين عزت منجهان قوم جي وڏي ۾ وڏي ڪائونسل سڏيندو هو ۽ جنهن ۾ روم جا نامياراڻا ۽ تمام معتبر ماڻهو شامل هيا، پر هاڻي کنهن به قسم جي نمايان يا امتيازي حيثيت کي ڏوهَ سان تعبير ڪيو ويو. جن وٽ گهٽي دولت هئي، اُنهن جي باري ۾ اطلاع ڏيندڙن جي محنت ۽ جوش وڌي ويو. زياده چگائي ۽ نيڪيءَ جو مطلب ڪمودس جي غلط ڪارين تي نظر رکڻ ۽ انکي بچڙي ڪرڻ سان تعبير ڪيو ويو. بيحد ضروري خدمتن کي، ذهانت جي خطرناڪ بلندي سمجهيو ويو. ۽ جيڪو به سندس پيءُ جو دوست هو، ان کان پَٽ کي سخت بُجان لڳندي هئي. شڪ، ثابتيءَ جي برابر هو. عدالتي تحقيقات، سزا جي برابر هئي. هڪ نامياري سينيٽر جي موت جي سزا تي اُنهن سيني ماڻهن کي به موت جي سزا ڏني وئي جيڪي سندس خيال موجب، هنجي موت تي افسوس جو اظهار ڪندا يا ممڪن هو ته ان جي بيگناهيءَ جو انتقام وٺندا ۽ جڏهن ڪمودس انساني رت وهائڻ جو ذائقو چکيو ته رحم يا پڇتاءَ جو ڪو اولڙو به سندس اوڏو نه هو.

ظلم ۽ بربريت جي معصوم مظلومن ۾، ڪنهن جي موت تي نه ايتري افسوس ۽ ڏک جو اظهار نه ڪيو ويو جيترو ڪئنٽيلين جي خاندان جي بن پائرن مئڪسيمس ۽ ڪنڊيئنس (Maximus and Condianus of Quintilian family) جي موت تي ڪيو ويو جن جي انسانيت لاءِ پيار ڪين ميسارجڻ کان هميشہ واسطي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي ۽ ايندڙ نسلن جي دلين ۾ سندن عزت ۽ محبت جي ياد جي مشعل هردم روشن رهندي. سندن مطالعو ۽ سندن مصروفيتون، ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ سندن ڪوششون ۽ سندن خوشيون هميشہ ساڳيون رهيون. هيڈي وڏي ملڪ جي مختلف ڳالهين مان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ، هنن هڪ ٻئي کان مختلف پسند جو اظهار ڪڏهن به نه ڪيو: اُن مضمون جا ڪجهہ ٽڪرا اسان کي مليا آهن جيڪي ايجا تائين سلامت آهن جيڪو اُنهن گڏجي لکيو هو. مطلب تہ زندگيءَ سان تعلق رکندڙ هر عمل مان ايئن پيو لڳندو هو تہ ہن جسمَن کي هڪڙو ئي روح عطا ڪيو ويو هو. ائنٽونئز سندن ڇگاين ۽ انساني خوبين جو قدر ٿي ڪيو ۽ سندن مثالي ايڪي تي بيحد خوش ٿيندا هئا، ڪين ساڳئي سال ۾ ايلچي جي عهدي تي ترقي ڏني وئي ۽ بعد ۾ مارڪس يونان جو شهري انتظام ہنهي پائرن جي گڏيل حفاظت جي حوالي ڪيو ۽ ان ڪانسواءِ فوجي ڪمان به سندن حوالي ڪئي وئي جنهن ۾ هنن جرمني جي خلاف هڪ معرڪي ۾ زبردست سوبَ حاصل ڪئي، نيٺ ڪموڊس جي ظلم جي مهرياني سان سندن موتَ به ڪين هڪڙي ۽ ساڳي وجود ۾ ملائي هڪ ڪري ڇڏيو. [16]

سينيٽ جي بيحد معتبر ماڻهن جي خونَ وهائڻ ڪانپوء، ظالم بادشاهَ جي ڪاوڙ آخرڪار سندس ظلمَ جي مڪيہ حرين طرف موڙ ڪاڌي، هڪ طرف ڪموڊَس رتُ ۽ عياشيءَ جي راند ۾ ٻُڏل هو، هن عوامي ڏيتي ليتيءَ جا معاملا پيرينس (Perennis) کي سوڀپي ڇڏيا جيڪو نِيچ ذهنيت ۽ هوَس رکندڙ وزير هو جنهن پنهنجي اڳئين جانشين کي قتل ڪرائي پنهنجي وزارت واري ڪرسي ورتي هئي پر وٽس همت ۽ قابليت ٻئي هيون. ڦُرلَٽ ۽ ماڻهن جا پئسا هڙپ ڪندي ۽ پنهنجي حرص ۽ هوَس کي اڳتي وڌائيندي، معزز ماڻهن جون ملڪيتون ڪُوڙن دستاويزن ذريعي پنهنجي نالي تي ڪرائيندي، مَن پاڻ وٽ تمام وڏي ملڪيت ۽ ناڻو جمع ڪري ڇڏيو هو. بادشاهي محافظ سندس حڪم هيٺ هوندا هيا، ۽ سندس پٽ جنهن ۾ فوجي مهارت جا وڏا گُڻ هيا، اِليرين جي علائقي جي ڪمانَ سندس حوالي ڪئي وئي هئي. هاڻي پيرينس جي اندر ۾ بادشاهت حاصل ڪرڻ جي خواهش پيدا ٿي پئي، ۽ ڪموڊس جي نظر ۾ اها وڏي مجرمانہ سازش هئي ۽ ڪيس اها به خبر هئي تہ پيرينس اهڙي خواهش رکڻ جو اهل به هيو جيڪڏهن سندس رستو روڪي، ڪيس اچانڪ حيران ڪري ۽ بنادير ڪيس مارايو نہ وڃي ها. هڪ وزير جو مرڻ، بادشاهت جي عمومي تاريخ ۾ هڪ تمام معمولي واقعو آهي، پر هن واقعي ۾ خاص حالتون لاڳو ڪري ۽ ان عمل کي تمام تيزيءَ سان پڄاڻيءَ تائين پهچايو ويو جنهن ۾ ڪين اهو به ثابت ڪرڻو هو تہ سندن نظر ۽ ضبط جا لغامَ جيڪي نرمي ۽ ڍِلائيءَ سان ڇڏيل هيا تہ اُنهن کي ڇڪي، ڪشي ۽ مضبوط ڪرڻو هو. برطانيہ ۾ مقرر ڪيل فوجون جيڪي پيرينس جي انتظام کان ٻنهہ ناخوش هيون، پندرهن سؤ ڇُونديل فوجين جو هڪ جٿو تيار ڪيو جن کي هدايتون ڏنيون ويون تہ جلوس جي شڪل ۾ روم تائين مارچ ڪري وڃن ۽ پنهنجون شڪايتون بادشاهَ آڏو وڃي پيش ڪن. فوجي درخواست گذارن، پنهنجن ارادن جي مضبوطيءَ ذريعي، محافظن جي دستن ۾ جوش ڏيارڻ سان، برطانيہ ۾ مقرر ٽيل فوج جي تعداد بابت مبالغي وارن بيانن ڏيڻ سان ۽ ڪموڊس جي خوف خطرن ۽ اندر جي انديشن کي هٿي ڏيڻ سان، وزير جي

موت جو مطالبو ڪري ۽ ان کي مجرايو. جيڪو سندن شڪايتن جي ازالي ڪرڻ جو فقط ۽ واحد حَل هو.[17] هڪ پرانهين پنڊَ تي مقرر ٿيل فوج جو پَڪَ جهڙو گُمان ۽ مرڪزي حڪومت جي ڪمزوريءَ مان پنهنجي مطلب جو فائدو وٺڻ. ايندڙ وقت جي خطرناڪ جَهڪن جي اڳواڻ پيشنگوئيءَ جي برابر هو.

عوامي انتظام طرف غفلت ڪرڻ باعث هڪ نئون مسئلو پيدا ٿي پيو جيڪو تمام معمولي ڳالهين تان شروع ٿيو. فوجين ۾، فوج کي ڇڏڻ ۽ ان مان پڇي نڪرڻ جو گهٽو انديشو پيدا ٿي ويو ۽ پاڇوڪڙن، پنهنجي سلامتي، گهر ٽي وڃڻ يا ڪٽي لِکي وڃڻ جي بجاءِ، عام شاهراهن تي ماڪڙ وانگر حملو ڪرڻ جي صورت ۾ ڳولي لڌي. مئٽرنس (Maternus) نالي هڪ خانگي سپاهي جيڪو پنهنجي مرتبي کان به گهٽو بهادر ۽ دليرهو، ڪُوڙن ۽ رهزنن کي گڏ ڪري اُنهن جي هڪ نندي فوج ٺاهيائين، جيلن کي ٽوڙي اُنهن جا گيٽَ کولرائي ڇڏيائين، غلامن کي دعوت ڏنائين ته پنهنجي آزاديءَ جو جشن ملهائن، ۽ گال ۽ اسپين جي مالدار ۽ غير محفوظ شهرن کي بغير کنهن خوف خطري جي ڦُري لُٽي تاراج ڪري ڇڏيائين. صوبن جا گورنَر جيڪي هن وقت تائين ڦرمار ۽ رهزنيءَ جو تماشو ڏسي رهيا هيا ۽ شايد ان تماشي ۾ شريڪ به هيا، بادشاهَ جي سخت دڙَڪن دابَن تي پنهنجي انتهائي ڪاهليءَ مان اُٿي پيا. مئٽرنَس ڏٺو ته هو هر طرف کان گهيري ۾ اچي ويو هو ۽ اندازو ٿي ويو هوس ته متان گرفتار ٿي وڃي، تنهنڪري نااُميديءِ مان هڪ آخري ڪوشش ۽ وڏو زور لڳائڻ جو سوچيائين. هن پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڏنو ته پنهنجا مختلف روپَ اختيار ڪري، نندن ٽرلن ۾ ورهائجي اٽليس جبل تائين پهچن، ۽ روم ۾ سائبيل جي گوڙ شور واري عياشي ۽ ڇڙواڳيءَ واري جشن (Festival of Cybele) واري موقعي تي سڀ گڏ ٿين. ڪموڊس کي قتل ڪرڻ ۽ خالي ٿيل تخت تي جانشين ٿيڻ، هڪ اهڙي ڏاڙيل جو منصوبو ۽ مقصد هو جيڪو جاهل ۽ جهنگلي نه هو. سندس اڳتي وڌڻ جون چالُون ايتريون ته هوشياريءَ سان طئي ٿيل هيون جو لِڪَ ڇَپَ ۾ آيل سندس فوجون، روم جي سيني رستن تي اڳ ۾ ئي چانئجي چڪيون هيون. پر سندس سائيءَ جي ريِسَ يا حسَد ان سڄي منصوبي کي بلڪل عين ان وقت ناڪام بٽائي ڇڏيو جڏهن ان تي عمل ڪرڻ جي گهڙي بلڪل مٽان اچي بيٺي هئي.[19]

سڀائين شڪَ ۾ مبتلا رهڻ وارا شهزادا، اڪثر ڪري پاڻ وٽ اهڙا ماڻهو رکندا هٿا جن جو ٻيو ڪو والي وارث ڪو نه هوندو هو ۽ اُهي ٽورڙي ڇوَڙ تي به وٽن اچي ويندا هٿا ڇو ته بادشاهَ جي مهرباني ڪانسواءِ ٻيو سندن ڪو به سهارو نه هوندو هو تنهنڪري اُهي پنهنجي احسان ڪرڻ واري سان وفادار رهندا هٿا. ڪلينڊر (Cleander) جيڪو پيرينس جو جانشين هيو، ايشيا مائنر ۾ فِرجيا ۾ ڄائو هو ۽ اهڙي قوم مان هو جنهن جي هنيلي پر گندي مزاج تي فقط زوردار ڏَڪن جوئي اثر ٿيندو هو.[20] هو پنهنجي آبائي ملڪ مان هڪ غلام جي حيثيت ۾ روم موڪليو ويو هو. هو بادشاهي محلَ ۾ غلام جي حيثيت سان داخل ٿيو. پنهنجي مالڪ جي اُمنگن مطابق هن پاڻ کي هڪُ ڪرَ وارو ماڻهو ثابت ڪيو، ۽ تمام جلدي هُو ايڏي مٽاهين مرتبي تي پهچي ويو جتي رعيت جا ماڻهو به شايد ڪڏهن ڪڏهن ئي پهچي سگهندا هٿا. ڪموڊَس تي سندس اثر، هنجي اڳئين جانشين جي پيٽَ ۾ تمام گهٽو هو ڇو ته ڪلينڊر ۾ ڪابه قابليت يا خاصيت اهڙي نه هئي جيڪا بادشاهه لاءِ مٽس کنهن به بي اعتباري يا بدگمانيءَ جو سبب بٽجي، لالچَ سندس رُوحَ ۾ رچيل هئي ۽ اهوئي جذبو سندس انتظام کي هلائڻ جو اصول به بنجي ويو هو. ڪونسل، امير ۽

سينيٽر جا عُهدا ماڻهن ۾ عام نيلام ٿيندا هئا. ۽ جيڪڏهن ڪو به ماڻهو اهڙن فضول ۽ بي عزتي وارن اعزازن کي پنهنجي طرفان کوڙ سارن پئسن جي پُونجي لڳائي اهي عهدا خريد ڪرڻ کان انڪار ڪندو هو ته ان رڳي کي نمڪ حرامي [21] تصور ڪيو ويندو هو. صوبن جي سڀني نوڪرين ۾ عوامَ جي ڏکن سُورن جا ڏوڪڙ، وزير ۽ گورنر جي حصن ۾ ورهائيا هيا. قانون به هڪ طرفي، مرضيءَ مطابق ۽ رشوت ڏيڻ ڏيعي لاڳو ٿيندو هو. هڪ دولتمند ڏوهاري پنهنجي خلاف ڏنل جائز فتويٰ کي نه رڳو تبديل ڪرائي سگهندو هو پر مورڳو الزام هٽندڙ ته ڇا پر شاهدن ۽ فتويٰ ڏيندڙ ججَ کي به اُٽلو اها سزا ڏياري سگهندو هو جيڪا هُو چاهيندو هو.

اهڙن طريقن ۽ حربن سان، ڪلينڊر ٽن سالن جي ٽوري عرصي ۾، پاڻ وٽ ايتري ته دولت جمع ڪئي جيڪا ڪڏهن ۽ ڪنهن به وقت تي ڪنهن آزاد ماڻهوءَ وٽ به نه هئي. [22] ڪمودس اُنهن شاندار تحفن ۽ سوڪڙين مان بيحد خوش ۽ مطمئن هوندو هو جيڪي سندس چالاڪ غلام ۽ درباري نهايت ئي مناسب موقعي تي سندس قدمن ۾ وڇي رکندو هو. ماڻهن جي امڪاني دشمنيءَ جي رُخ کي موڙڻ ۽ سندن ڏيان هٽائڻ لاءِ ڪلينڊر، غسلخانا، ڇپرا ۽ ماڻهن جي گهمڻ ڦرڻ ۽ ورزش ڪرڻ جا هنڌ تعمير ڪرايا جيڪي سڀ بادشاهَ جي نالي جي مانَ ۾ ٺهرايا ويا هيا. [23] هو پنهنجي اندر ئي اندر ۾ ان ڳالهه تي بيحد خوش هو ته روم جا ماڻهو آزاد ماحول تي ڪيڏا نه اچرج ۽ حيرت ۾ هوندا ۽ رَڙ جي راند کان به متاثر نه هيا جيڪو اڳ روزانو معمول هوندو هو. اُنهن برهس (Byrrhus) جي موت کي به وساري ڇڏيو هوندو جيڪو هڪ سينيٽر هو ۽ جنهن جي خداداد قابليت سبب اڳئين بادشاهه هڪ ڏيءَ ڪيس سگ ۾ ڏني هئي، ۽ ته اٽريس انٽونينَس (Arrius Antoninus) جي موت جي سزا کي به هو معاف ڪري ڇڏيندا. جيڪو انٽونينز جي ڇگاين ۽ تعريف لائق دوَرَ جو آخري نمائندو هو. پهرئين، مصلحت جي بجاءِ ايمانداريءَ سان، پنهنجي پيٽيوي کي، ڪلينڊر جي اصليت ۽ ڪردار جي باري ۾ سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو هو. پوئين وري، بادشاهه جي پسنديده مگر انتهائي نالائق مخلوق (ڪلينڊر) جي خلاف، ايشيا جي مئجسٽريٽ جي حيثيت ۾ هڪ انصاف واري فتويٰ ٻڌائي، جيڪا خود سندس لاءِ موتمار ثابت ٿي. [24] پيرينس جي زوال کانپوءِ، ڪمودس جي دهشت ۽ دٻدٻو، ٽوري وقت لاءِ، ڇگاين طرف موتَ ڪائيندي نظر آيو. هن بدناميءَ وارا سڀ قانون ختم ڪري ڇڏيا، ماڻهن جي بددعائن جو پڙاڏو سندس يادن ۾ گونجڻ لڳو ۽ پنهنجي نوجواني جي ناتجربيڪاريءَ ۽ ٽيل سندس غلطين ۽ حماقتن جي ذميواري پنهنجي ذليل وزير تي رکيائين جيڪو هميشه ڪيس نقصان وارا ۽ غلط مشورا ڏيندو رهندو هو. پر سندس ماضيءَ تي افسوس ۽ پڇتاءَ ٿيهَن ڏينهَن تائين به مسَ هلي سگهيو. ۽ ڪلينڊر جي، نيٺ سڀَ نـوَن ظلمن ۾، پيرينس جي حڪومتي انتظام تي اڪثر ڪري افسوس جو اظهار ڪيو ويو.

روم جي مٿان آيل آفتن ۾ شايد ايا ڪا ڪمي رهجي وئي هئي جنهن جو خال، وَبا ۽ ڏُڪار اچي پريو. [25] پهرئين جو ڪارڻ ديوتائن جي ناراضگي ٿي پئي سگهي، پر هي آفت جو ڪارڻ فقط وزير جو اَنَ جي انبارن تي قبضو ۽ سندس دولت ۽ اختيار جي ناجائز استعمال سبب هو. ماڻهن جي عام ناراضگي جيڪا پهريون ته سُس پُس ۽ چوُهولن ڏيعي شروع ٿي، پوءِ وڌن ميڙن ميڙاکن ۾ عام شڪايتون ٽيڻ لڳيون. ماڻهو پنهنجي وِندُر وِرُونهن جي شُغلن کي ڇڏي ۽ انتقام جي وڌيڪ لذيذ مزي وٺڻ جا منتظر رهڻ لڳا ۽ ماڻهن جا انبوهَ، شهر کان ٻاهر محلات طرف وڌڻ لڳا

جتي بادشاهه وڃي آرام ڪندو هو، اُتي پهچي سخت ناراضگيءَ مان وڏيون دانهون ۽ رڙيون ڪندي هنن بادشاهه کان، عوام جي دشمن کي سندن حوالي ڪرڻ جو زوردار مطالبو ڪيو. ڪلينڊر جنهن بادشاهي محافظن جي ڪمانڊ ڪئي، [26] گهوڙي سوار فوجين کي حڪم ڪيو ته هو اوچتو حملو ڪري بغاوت ڪندڙ ماڻهن جي ميڙ کي منتشر ڪري ڇڏين، حملي ٽيڻ تي ماڻهو ولي پيگا ۽ شهر طرف رُخ رکيائون، ڪيترن جا ٻڌ، ڏاڙ کان ڏار ٿي ويا، ٻيا پڇندي ڪري ۽ چيپاتجي مري ويا، پر، جڏهن گهوڙيسوار فوج گهٽين ۾ گهوڙي ته اُنهن جي اڳتي وڌڻ کي پٽرن ۽ تيرن جي وسڪاري سان روڪيو ويو جيڪي چتين مٽان ۽ درين منجهان مٿن وسايا ٿي ويا. پيادل محافظ [27] جيڪي بادشاهه جي گهوڙيسوار محافظن کان سندن غرور ۽ ڪين وڌيڪ سهولتن ملڻ سبب حسد ۾ ڪندا هٿا، عوام طرف وڃڻ کي هنن وڌيڪ ترجيح ڏني. ماڻهن جو گوڙشور هاڻي باقاعدگي اختيار ڪري ويو ۽ قتل عام جو وڏو خطرو پيدا ٿي ويو. بادشاهه جي محافظن مجبور ٿي آخر ماڻهن کي رستو ڏنو. ستايل ماڻهو پنهنجو تعداد ٻيڻو ڪري، غضب واري غصي ۽ ڪاوڙ مان محلات جي گيٽن تائين پهچي ويا، جتي سيني ماڻهن مان فقط اڪيلو ڪموڊس هو جيڪو هيڏي وڏي خانه جنگيءَ کان بلڪل بي خبر ٻٽيو پنهنجي عياشين ۾ مخمور ۽ مست مگن لڳو پيو هو. اهڙي حالت ۾ جيڪو به سندس ويجهو وڃي ها ته ان جي يقيني موت جي بري خبر ضرور اڇي ها. هو جيئن دنيا جهانَ کان بي خبر ٻٽيو ۽ پُٽيءَ پرڪريو پيو هو ته اُتي ئي ختر ٿي وڃي ها جيڪڏهن به عورتن، سندس وڏي ٻيڻ فضيلا ۽ مرسيا جيڪي سندس پسنديده سُريتون (ويهاريل عورتون) هُيون، همت ڪري زوريءَ سندس سامهون اچي ويون. ڳوڙهن ۾ ٻڪل ۽ وارَ وڪريل. اُنهن پاڻ کي سندس پيرن وٽ وڃي ڪيرايو ۽ لفظن جي پرپور اثر سان هنن سخت خطرن جي تصوير چٽي ڪيس ڏيکاري ۽ دٻل بادشاهه سان وزير جي بي انداز ڏوهن، ماڻهن جي ڪاوڙ ۽ ناراضگي ۽ ايندڙ تباهي بابت ڪيس ٻڌايو جيڪا فقط ٿورن ئي منٽن اندر سندس محلات اندر ڦاٽ ڪائيندي جنهن ۾ سندس پنهنجو وجود به سلامت نه رهندو. ڪموڊس پنهنجي مُسرتن جي خواب مان جاڳڻ شروع ڪيو ۽ هڪدم حڪم ڏنو ته ڪليندر جو سِرَ ڪٽي ڦورن ماڻهن ڏانهن اُڇلايو وڃي. سندس ايتري چوڻ ۾ ماڻهن جي هنگامه آرائيءَ کي ڪجهه سانتيڪو ڪيو. ۽ مارڪَس جو ٻُٽ شايد اڃا به رعيت جون همدرديون ۽ سندن اعتماد حاصل ڪرڻ ۾ وڌيڪ ڪامياب ٿئي ها. [28]

ڪموڊس جي ذهن مطابق ڇڳايون ۽ نيڪيون غائب ۽ انسانيت بلڪل ختم ٿي چڪي هئي. هُن پنهنجي حڪومت جا اختيارَ پاڻ ڇڏي ۽ پنهنجي نالائق خوشامدڙين جي حوالي ڪري ڇڏيا هيا. پنهنجي بادشاهي خود مختياريءَ ۾ وٽس ٻيو ڪو به ڪر ڇڻ سندس ذمي ڪو نه هو سواءِ اِن خواهش جي ته شهواني ٻُکَ ۽ اَڄ اُجهائڻ لاءِ ڪيس لامحدود وقت ۽ آزادي هجي. سندس سڄو وقت اُن حَرم ۾ گذرندو هو جتي ٽي سؤ کن قسمين قسمين خوبصورت عورتون ۽ اوترائي حسين ۽ هر طرح جا چوڪرا هوندا هيا جيڪي هر صوبي مان گهرايا، يا گهرايون ويندیون هيون، ۽ جتي به ٻُري ڪرَ ۾ ڪنهن کي ناڪامي ٽيندي [29] هئي ته وحشي پيار ڪندڙ تشدد ڪرڻ لڳندو هو. قديمي مؤرخن جسم فروشيءَ جي ڇڏيل منظر نامي تي گهٽو ڪجهه لکيو آهي جنهن سبب قدرت جي هر چگي ضابطي ۽ چگاين تي ڇڻ ڇٽرون ٽيل آهن، پر اِهو هاڻي ايترو آسان ناهي ته سندن سچائيءَ وارن بيانن کي اسان جديد زبان ۾ اهڙيءَ طرح ترجمو ڪري سگهون يا ماڻهن آڏو پيش ڪري سگهون جو اُهو بيان سڻو يا مهذب لڳي. شهواني ڪمن

کان جيڪڏهن کين کا فرصت ملندي هئي ته اُها وري ذليل ترين مزا ماڻڻ جي وقف ٿيل هئي. کنهن به نزاکت نفاست توڙي توجه طلب تعليم جي محنتن جو کو به اثر يا علم ۽ ڄاڻ جي رتيءَ جيترو حصو به سندس مغرور ۽ وحشي دماغ ۾ اوتڻ بيحد ناممڪن هو. ۽ هو روم جي بادشاهن مان پهريون هو جيڪو سمجهه ۽ سوچ جي قوتن، ان جي قدرداني ۽ خوشين کان نه رڳو تمام پري، پر صفا محروم ۽ آجو هو. نيرو به موسيقي ۽ شاعري جهڙين نفيس صنفن ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ هو. ۽ اسانکي سندس جستجو کان نفرت نه ڪرڻ ڇگائي جو هن پنهنجي فرصت جي آرام واري وقت کي پنهنجي زندگيءَ جي مقصد ۽ محنت طلب ڪم جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. پر ڪموڊس، پنهنجي هالڪپڻ کان وٺي، دليل ۽ ڪشاده دليءَ کان هڻ نفرت ڪئي، پر ماڻهن جي عام دلچسپين سان پاڻ کي به وندرائڻ شروع ڪيائين، جيئن سرڪَسن ۽ ٿيٽرن جون راندين، مختلف قسمن جي ويڙهاکن جا مقابلا، ۽ جهنگلي جانورن جو شڪار وغيره، علم ۽ ڄاڻ جا ماهر، جن کي مارڪَس ڳولي هٿ ڪري پنهنجي پٽ جي ترغيب لاءِ مقرر ڪيو هو، اُنهن کي هو نهايت ئي ڪاوڙ ۽ بي توجهيءَ سان ڏسندو هو. جڏهن ته اتر اولهه آفريڪا جي مسلمانن يا فارس جي ماڻهن (Moors & Parthians) سان هو ڏاڍو خوش ٿيندو هو جيڪي ڪيس تير اندازي، نيزي بازي ۽ تيرڪمان هلائڻ سيکارينداهئا ۽ اُهي به ٿوري ئي وقت ۾ ماهر سِکيا ڏينڏن ۾ شامل ٿي ويندا هيا ته نشان تي اَڪِ جي شِستَ ڪيئن پڄائجي ۽ هڻ کي ڦُرتي ۽ تيزيءَ سان شڪار ڪرڻ وقت ڪيئن هلائجي.

هينئين طبقي جي ماڻهن جو ميڙ، جن جو گذارو سندس مالڪ جي خرابين سان لاڳاپيل هو، سندس ڪُڌن ڪرتوتن تي به ڪيس داد ڏيندا هيا. نِيچ خوشامد جي دوکي وارن آوازن ڪيس ياد ڏياريو ته اهڙن ئي قسم جي ڪرتبن ذريعي جيئن نيميا جي شينهن جي شڪست ۽ اِريمنٿَس جي جهنگلي خنزيرن جي ڪوسَ: گريشيا جي هرڪيولس جو مرتبو، ديوتائن سان وڃي ملايو هو ۽ انسانن ۾ پنهنجي لافاني ياد ڇڏي هئي. اُنهن اهو مشاهدو شايد وساري ڇڏيو ته سماج جي اوائلي دؤر ۾، جڏهن جهنگ جا خطرناڪ جانور ۽ انسان ان ڳالهه تي پاڻ ۾ وڙهندا هيا ته جيڪو به غير آباد ملڪ هوندو هو، ان جو مالڪ ڪير ٿئي يا ان جو قبضو ڪنهن کي ملي، ته اُنهن جهنگلي جانورن جي خلاف * هڪ ڪامياب جنگ، بهادريءَ جي ڏاڍي معصوم ۽ فائدي واري حرڪت آهي، روم جي بادشاهت جي مهذب رياست ۾، جهنگلي جانورن کڏوهڪو، انسانَ جي مُنهن لڳڻ ۽ وڏي آبادي وارن شهرن جو پاڙو ئي ڇڏي ڏنو هو. پر اچانڪ ۽ اڪيلائيءَ ۾ کين ڏاسائي روم تائين اُنهن کي کٽي وڃڻ ته شايد بادشاهه هٽان اُنهن کي فقط نمائش خاطر ماريو وڃي شهزادي طرفان کيڏو نه حماقت ۽ حقارت جهڙو ڪم هو ۽ اهو عمل ماڻهن لاءِ وري کيڏو ايذائيندڙ هو.[30] مٿي بيان کيل ڳالهين کان بيخبر رهندي، ڪموڊس شان شوڪت ۽ دٻدبي واري ڏيڪ ۽ روم جي هرڪيولس جيان پنهنجا طورَ طريقا ۽ رعب تاب اختيار ڪيا. (جيئن اسان سندس تمغن مان اڃا تائين پڙهندا رهندا آهيون). ٻين بادشاهي نشانن سان گڏ، هڪ شاهي ڏنڊو ۽ شينهن جي ڪلَ سندس تخت جي پرسان رکيا ويا، شاهراهن تي مجسما ناهي ٻيهاريا ويا جنهن ۾ ڪموڊس کي ان ديوتا جي وصفن ۽ ڪردار وارو ڏيکاريو ويو جنهن کان هن جُرئت ۽ بهادريءَ جا گڻ وٺي، پنهنجي روز مرهه جي زندگيءَ ۽ پنهنجي پوائٽين تفريحن ۾ اختيار ڪري رکيو هو.[32]

اهڙين خوشامدن ۽ تعريفن سبب، جن آهستي آهستي شرم ۽ حيا جي جذبي يا احساس کي به ختم ڪري ڇڏيو، هو ان حد تائين ڦوندجي ويو جو اُنهن کمن يا ڪرتبن کي، جيڪي هن وقت تائين فضيلت واري نموني فقط محلات جي چار ديواري ۽ سندس ٻورڙن پسنديده ماڻهن تائين محدود رهيا هيا، ڪمودس هاڻي پڪو عزم ڪيو ته عام ماڻهن جي آڏو به اُنهن جو مظاهرو ڪيو وڃي. اڳواڻ مقرر ٿيل ڏينهن تي هزارين تماشين، خوشامد، خوف ۽ حيرت جي گڏيل جذبن سان ڪُليل نمائش گاهه تي وڃي گڏ ٿيندا هيا جنهن ۾ ماڻهو شاهي ڪرتب ڏيکارينڊ ڪي، بادشاهه کي خوش ڪرڻ خاطر وڏيڪ داد ۽ شابسون ڏيندا هئا. سندس وارَ جو نشانو جانور جي دِل مٿان هوندو هو يا سِرَ تي، پر زخم لازمي طور تي جانور جي موت جو سبب بڻبو هو.

پهرين تاريخ جي چنڊَ وانگر چُهنبدار ۽ تکن تيرن جي تيزيءَ کي ڪمودس وچ ۾ روڪي، اُنهن سان ئي شترمُرغن جي دِڳهي ڳچيءَ کي ڪٽي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندو هو. [33] هڪ چيتي کي ڇُڙواڳ ڇڏيو ويو ۽ تير انداز تيستائين انتظار ۾ رهيو جيستائين چيتو ٽپو ڏئي ڏڪندڙ مجرم تائين وڃي پهتو. ساڳي لمحي ۾ تيرُ ڪمانَ مان ڇُٽو ۽ جانور کي لڳندي ئي ساهدارُ ڏڏي تي مري ويو ۽ ماڻهوءَ کي ڪو نقصان نه پهتو. ڪليل نمائش گاهه ۾ هڪ دفعي هڪ سؤ شينهَن کي سندن آکاڙي مان هڪ ئي وقت ڪڍيو ويو ۽ ڪمودس، جنهن جو نشان هرگز خطا نه ٿيندو هو، جي سؤ تيرن، هڪ سؤ شينهن کي ان وقت موت جي نند ۾ سمهاري ڇڏيو. جڏهن هو خوف ۽ ڪاوڙ وچان هيڏي هوڏي پيڙڻ لڳا. نه هاڻين جو لشڪر ۽ نه ئي وري آفريڪي نسل جي گينڊن، جن جي ڪلَ تمام سخت ٿئي ٿي، سندس موتمار تيرن ۽ نشانن کان پاڻ کي بچائي سگهيا. حبش ۽ هندستان کان بيحد نايابَ قسم جا جانور وٽس پهتا، پر هن ظالم شخص اُنهن کي به ڪُهرائي يا مارائي ڇڏيو جيڪي يا ته تخليق جا نادر نمونا هئا يا وري اهڙا ڪمال جا جانور هيا جن کي نمائشي موقعن تي پيش ڪيو ويندو آهي. [34] هنن نمائشن ۾ ان ڳالهه جو بهرحال پورو ۽ يقيني احتياط ڪيو ويندو هو ته حملي کان هرڪيولس کي، ڪنهن جهنگلي جانور * جي اوچتي حملي کان هر حال ۾ بچائجي جيڪو ممڪن هو ته بادشاهه جي وقار جو به خيال نه رکي ۽ ديوتا جي تقدس جو به ٻيڙو ٻوڙي ڇڏي. [35]

.... پر گهٽ ۾ گهٽ طبقي وارا ماڻهو به ان وقت شرَم ۾ ٻُڏي ۽ ڪاوڙ ۾ تپي باهه ٿي ويا جڏهن اُنهن پنهنجي اکين سان پاڻ پنهنجي بادشاهه کي مقابلي ڪرڻ لاءِ آکاڙي ۾ گهڙندو ڏٺو ۽ ان عام مقابلي ڪرڻ تي هو فخر ڪرڻ لڳو، جنهن کي رومر جا قانون توڙي اخلاقي ضابطا نه رڳو ان جي اجازت نه ڏيندا هئا پر ان مطابق اِهو انتهائي بدنامي وارو عمل هو. [36] هن هڪڙو اهڙو عجيب و غريب شغل پاڻ لاءِ چونڊيو جيڪو ان خوني راند جو بيحد دلچسپ مقابلو هو. آکاڙي ۾ وڙهندڙ ترار باز کي پنهنجي بچاءَ لاءِ حفاظي توپلو، ترارِ ۽ ڍالَ هوندي هئي ۽ سندس اُگهاڑي مقابلي ڪندڙ وٽ هڪ وڏي چاري ۽ ٽِ شاخو پالو هوندو هو: هڪڙي سان هو شڪارَ کي ڦاسائيندو هو ۽ ٻي هٿيار سان پنهنجي دشمن کي موتَ جو مزو چکرائيندو هو. پنهنجي پهرئين وارَ ضايع ٿيڻ جي صورت ۾، هُو ترار باز جي وارَ کان تيستائين بچڻ جي هر ممڪن کوشش ڪندو هو جيستائين پنهنجي چارَ کي ٻيهر دشمن مٿان اچلائي. [37] بادشاهه هن صورتحال ۾ ست سؤ پنجٽيهَ پر شايد ان کان به وڌيڪ دفعا وڙهيو. هي شاندار ڪارناما، بادشاهت جي عوامي ڪمن جي لسٽ ۾ بيحد خبرداريءَ سان داخل ڪيا ويا. هڪ انديشو هو ته بادشاهه پنهنجي بدناميءَ جي

ڪارنامن کي مبادا ماڻهن کان لِڪائي، ته هُن ترار بازن جي آکاڙي جي فنڊ مان ايتري ته وڏي رقمَ باقاعدگيءَ سان وٺڻ شروع ڪئي جو هڪ نئين ۽ انتهائي ذلت واري ٽئڪس روم جي عوامَ مٿان مڑهي وئي.[38] اهو آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته اهڙن مقابلن ۾ هڪ بادشاهَ کي ئي فاتح ظاهر ڪيو ويندو. نمائش گاهَ جي آکاڙي ۾ سندس سوپون هروپرو خونخوار يا رَتو چاڙ واريون نه هونديون هيون، پر هو جڏهن ترار بازن جي اسڪول يا پنهنجي محلات ۾ پنهنجا ڪرتب ڏيکاريندو هو ته سندس مخالفن کي هميشه ڪموڊس هٿان هڪ خوني گهاوَ جو تحفو ملندو هو. ۽ اهڙيءَ طرح هو پنهنجي خاشامدانه روَيي کي پنهنجي رَتُ جي نذراني ڏيڻ سان[39] هميشه واسطي ختم ڪري ڇڏيندو هو. هاڻي هنکي هرڪيولس جي لقب کان نفرت ٿيڻ لڳي، پالسَ جو نالو جيڪو تمام نامياريو ترار هلائڻ جو ماهر هو، سندس ڪنَن کي وڌيڪ سٺو لڳو. ان نالي کي ڪيترن ئي مُجسمن تي نقش ڪرايو ويو ۽ سينيٽ جي ماتمي تورِي داد ڏيندڙ ۽ خوشي وارن اعزازن ۽ لقبن[40] ۾ ان کي شامل ڪيو ويو.[41] ڪلاڊيَس پامپيئنَس (Claudius Pompeianus) جيڪو ليوسيلا (Lucilla) جو نيڪ مڙس هو، هڪڙوئي اهڙو سينيٽر هو، جنهن پنهنجي مرتبي جو مانُ رکيو. هڪ پيءُ جي حيثيت ۾ هن پنهنجي پٽن کي سندن ئي حفاظت کي نظر ۾ رکندي، ٽيٽر ۾ وڃڻ جي اجازت ڏني. پر روم جي هڪ غيرت مند شهريءَ جي ناتي، تورِي جو سندس حياتي ۾ بادشاهه جي قبضي ۾ هئي پر تنهن هوندي به هو مارڪَس جي پُٽ کي اها اجازت هرگز نه ڏيندو ته هڪ بادشاهه جي حيثيت ۾ هو پنهنجي ذات کي بچڑائي ۽ ذلت جي علامت بڻائي ڇڏي. پنهنجي بهاديريءَ واري عزم ڪرڻ جي باوجود، پامپيئينس، ظالم ۽ آمر بادشاهه جي قهري ڪاوڙ کان بچي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ پاڻَ پلا هُنَس جو پنهنجي زندگيءَ جي حفاظت ڪرڻ ۾ سرس سوپارو رهيو.[42]

ڪمودس هاڻي بُرائي ۽ بدڪرداريءَ جي بلندين کي ڇُهي چڪو هو. تورِي جو هو چاپلوس ڪورٽ جي خوشامدي لقبن سان سينگاريل هو پر پوءِ به پنهنجي پاڻ کان، ماڻهن جون سندس ذات لاءِ نفرتون ۽ ڌِڪارون لڪائي نه سگهيو جيڪي سڄي بادشاهت جي هر بني بشر جي ۽ خاص طرح عقلمند ۽ معتبر ماڻهن جي دلين ۾ هن لاءِ موجود هيون. سندس ذات لاءِ ماڻهن جي شديد حقارت جي احساس سان، هر ڪُڻَ ۽ ڇڳائيءَ کان بچان ڪرڻ سان، ايندڙ وقت جي درِين مان ليڪا پائيندڙ خطرن جي خوف کان، ۽ روزانو بيشمار ماڻهن جي ڪوسَ ۽ قتل ڪرڻ جي عادت جيڪو سندس محبوب مشغلو هو، سيني گڏجي سندس خطرناڪ جيءَ کي جهنجهوڙي ۽ هن جي روح کي تڙپائي ۽ بيقرار بنائي ڇڏيو هو. تاريخَ جي صفحن ۾ سفارتي عهدا رکندڙ سينيٽرن جو هڪ ڏڳهو تفصيل درج ٿيل آهي جن کي هن معمولي شڪ پوَڻ تي به مارائي ڇڏيو هو ۽ اُنهن بدقسمت ماڻهن کي به ڳولي ڳولي مارايو ويو، جن جو ائٽونينز سان ڪو اَڻ سِڌو يا تمام پرانهين رشتي جي تعلق جو ڪٿي ڪو رتيءَ ماتر انديشو به نظر آيو هو ۽ اُنهن وزيرن کي به نه بخشيو ويو جيڪي سندس ئي ڪُڌن ڪرتوتن ۽ عياشين ۾ ساٿس گڏ هوندا هئا.[43] سندس ظلمَ آخرڪار سندس ئي موتَ جو سبب بڻيا. هن بغير ڪنهن خوف خطري جي روم جو بي بها رَتَ وهايو هو انڪري هو پنهنجن ئي پالیل چاپلوسَن هٿان ماريو ويو جنهن جو ڪيس سدائين خوف رهندو هو. سندس پسنديده سُريت مرسيا، سندس شاهي محل جو ڪمدار اِليڪٽَس ۽ سندس حفاظت ڪندڙ لِيٽَس، جيڪي پنهنجن ساٿين ۽ اڳين عهديدارن جي موت کان انتهائي خوفزدهه ٿي ويا هيا، گڏجي عزم ڪيو ته ڪنهن طرح هو ان تباهي ۽ بربادي‌ءَ جي ترار کي روڪي سگهن جيڪا سندن

سِرَن مٿان پڻ ڪجي ڏاڪي سان لڙڪيل هئي، ۽ جيڪا يا ته آمر بادشاهه جي بي پروسي طبيعت سبب يا عوام جي غمر ۽ غصي جي اوچتي ڦاٽڻ تي مٿانئن ڪنهن به وقت ڪِري تي سگهي. مرسيا مناسب موقعي جي تلاش ۾ هئي، عين ان وقت جڏهن ڪمودس جهنگلي جانورن جي شڪارَ کان ڦَڪجي ۽ نِساهو تي محل ۾ آيو ته هن پنهنجي عاشق کي شراب جو پيالو وڃي پيش ڪيو. ڪمودس کي جلد نِندَ وٺي وئي ۽ ايڏا هو زهر ۽ شراب جي گڏيل اثر کان پاڻ پتوڙي رهيو هو ته هڪ سَڳهارو نوجوان، جيڪو ڪُشتيءَ جو مڃيل پهلوان هو، سندس آرام گاهه ۾ داخل ٿيو ۽ گُهٽو ڏيئي بنادير کيس ماري ڇڏيائين. سندس مؤهَ کي ڳُجهيءَ طرح محلات کان ٻاهر ڪڍيو ويو ۽ سمورو ڪم اهڙو ته چُپ چاپ ۽ ڪيو ويو جو بادشاهه جي موت بابت ماڻهن ۾ يا خاندان طرفان ڪنهن به شڪَ شبهي جو ڪو به اظهار نه ڪيو ويو. مارڪس جي پُٽ جو حشر ۽ موت اهڙيءَ طرح ٿيو ۽ هڪ ذليل آمر کان نجات وٺڻ ڪيڏو نه سؤلو ڪم هو، جيڪو تيرهَن سالن جي عرصي دوران، حڪومت طرفان ڏنل مصنوعي اختيارن ذريعي رعيت جي لکين ماڻهن کي پنهنجي ظلم جو نشانو بنائيندو رهيو ۽ کين هر طرح سان تنگ ڪندو رهيو: هي اُهي ماڻهو هيا جيڪي پنهنجي ذاتي لياقت، قابليت، شهرت ۽ سگهَ ۾ ڪنهن به طرح سان پنهنجي مالڪ کان گهٽ نه هيا. [44]

سازش ڪندڙن جو هر قدم تمام تحمل وارو ۽ هو ته ان ۾ تيزي به هئي جيڪا ان وڏي موقعيءَ ۽ مناسبت جي عين مطابق هئي. اُنهن بنادير خالي ٿيل تخت تي ان بادشاهه کي ويهارڻ جو فيصلو ڪري ورتو جنهن جو ڪردار ان قابل هجي جو سندن طرفان ڪنيل قدم کي جائز ثابت ڪري. سندن نظر ۾ پرٽينئڪس هو جيڪو شهر جو مُنهندار ۽ سفارتي رتبي وارو سينيٽر هو، جنهن جي نمايان خاصيتن، سندس آڻ ڇتي ۽ غير اهر جنر کي ماڻهن جي نظرن کان اوجهل ڪري ڇڏيو هو ۽ سندس مرتبي کي مٿاهون ڪري رياست جي پهرين اعزازن جي قطار ۾ آڻي بيهاريو هو. هُن بادشاهت جي ڪيترن ئي صوبن ۾ حڪومت ڪئي هئي ۽ سيني فوجي توڙي شهري وڏن عهدن تي رهندي هُن ماڻهن سان هڪ جهڙائيءَ جو سهڻو سُلوڪ ڪندي ارادي جي مضبوطي، دوراندیشي ۽ پنهنجي اخلاق جي اوچائي جا جوهر ڏيکاريا ۽ پنهنجي ساکَ ۽ ويساهَ کي ماڻهن ۾ مستحڪم ڪيو. [45] هاڻي هو مارڪس جي دوستن ۽ وزيرن کان جدا ۽ آزاد رهڻ لڳو. ۽ جڏهن رات جي پوئين پهَر ۾ ڪيس نِندَ مان جاڳايو ويو ۽ ڪيل ٻڌايو ويو ته محلات جو ڪمدار ۽ مُنهندار ٻئي سندس دروازي تي موجود آهن ته هن بنا دڇڻ جي ۽ بهادريءَ سان سندن آڇيان ڪئي ۽ هنن جلد پنهنجي خواهش جو اظهار ڪيو ته هو پنهنجي مالڪ جي حڪم جي فورن تعميل ڪندا. موت جي بدران هنن ڪيس روم جي دنيا جي تخت جي آڇَ ڏني. ڪجهه گهڙين لاءِ هُن سندن نيتن ۽ تَسلين ڏيڻ تي اعتبار ڪيو، نيٺ ڪمودس جي موتَ ڪيس يقين ڏياريو ۽ هُن بادشاهي منصب ڪجهه بددليءَ سان قبول ڪيو ڇو ته ان عظيم مرتبي جي ذميوارين ۽ خطرن جي ڪيس تمام ڇڪيءَ طرح ڄاڻ هئي. [46]

لِينّس پنهنجي نئين بادشاهه کي شاهي محافظن جي ڪمپ ڏانهن وٺي ويو ۽ ساڳي وقت سڄي شهر ۾ اها خبر هُلائي ڇڏيائين ته ڪمودس اوچتو ئي اوچتو مِرگهيءَ جي دوڙي پوڻ سبب مري ويو هو ۽ هاڻي سڀي ڪردار وارو پرٽينئڪس تخت تي ويهي چڪو آهي. شهزادي جي ڳُجهه ڳ[illegible]واري موت تي بادشاهه جا محافظ خوش ٿيڻ بجاءِ اچرجَ ۾ اچي ويا ڇو ته فقط اُهي ئي هيا جن بادشاهه جي مهربانين ۽ فراخ دليءَ مان گهٽو ڪجهه حاصل ڪيو هو، پر

موقعي جي نزاکت، سندن مُنهنداڑ جا اختيار، پرٽينئڪس جي نيڪناميءَ واري شُهرتَ، ۽ ماڻهن طرفان طرح طرح جا آواز ۽ افواهَ - انهن سڀني ڳالهين سندن اندروني خدشن ۽ ناراضگين کي ڏهائي خاموش ڪرائي ڇڏيو. تنهنڪري هنن نئين بادشاهه جي مالي فائدن جي اعلانَ ۽ سندس فرمانبرداري ڪرڻ کي دل سان قبول ڪيو. هاڻي هُو پنهنجن هٿن ۾ فتح جا گُلدستا ڪنيون، ' شاباس شاباس ' جا نعرا هڻندا بادشاهه کي سينيٽ جي عمارت ۾ وٺي ويا تہ جيئن شهري اختيار حاصل ڪرڻ وقت، فوجي رضامندي بہ گڏوگڏ وٺي سگهجي.

بيحد اهميت واري هيءَ رات، ڏِڪهي تہ ٽي پر نيٺ پرهَ ڦٽڻ سان گذري وئي ۽ نئين سال جي شروعات سان سينيٽرن کي ان ڳالهہ جو انديشو هو تہ هڪ ذلت واري تقريب ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڪين گهرايو ويندو. شديد احتجاج ۽ اُنهن ماڻهن جي ناراضگيءَ جي باوجود جن کي درواندیشي ۽ نيڪناميءَ لاءِ دل ۾ ڪجهہ عزت هئي، ڪموڊس ترار بازن جي اسڪول ۾ رات گذارڻ جو پڪو پَڪُ ڪيو هو ۽ اتان ئي سندس ارادو هو تہ هو سفارتي اختيار بہ پنهنجي نالائق ۽ بدنام ساٿين جي مدد سان، پنهنجي قبضي ۾ وٺندو. ڏينهن گذرڻ کان اڳ ۾ اوچتو ئي اوچتو ڪنڪارڊ جي مندرَ ۾ سينيٽ جو اجلاس سڏرايو ويو تہ محافظن سان ملاقات ۽ تعارف ٽي وڃي ۽ نئين بادشاهہ جي اليڪشن جي منظوري وٺي سگهجي. ڪجهہ منٽن واسطي سيئي هڪ معنيٰ خيز خاموشي اختيار ڪري ويهي رهيا ۽ پنهنجي نجات حاصل ڪرڻ تي ڪين يقين نہ ٽي آيو ۽ اڃا بہ ان شڪَ ۾ هيا تہ ڪٽي اڃا بہ ظالم ڪموڊس جي ڪا چالبازي تہ ڪٽي لڪل نہ هئي، پر جڏهن ڪافي انتظار ۽ تجسُس کان پوءِ ڪين پورو يقين ٿي ويو تہ هڪ آمر ۽ ظالم جو انت نيٺ اچي چڪو هو تہ سندن خوشين ۽ شادمانن سان گڏ سخت ڪاوڙ جو اظهار بہ سندن چهرن مان نمايان نظر اچي رهيو هو. پرٽينئڪس، جنهن کي پنهنجي حسب نسب ۽ اصل نسل جو نماڻائيءَ ۽ عزت وارو احساس هو، ظاهر ڪيو تہ ڪيترائي باوقار سينيٽر اهڙا هئا جيڪي هن کان وڌيڪ بادشاهت جا حقدار هئا، پر هُن سندن ذميداريءَ واري تشدد باعث مجبور ٿي تختَ جون واڳون سنياليون هيون ۽ بادشاهي اختيار جا سڀ اعزاز حاصل ڪيا هيا ۽ جن جي وڌيڪ تصديق ماڻهن جي ساٿس وفاداريءَ جي قَسمن ذريعي ٿي وئي هئي. ڪموڊس جي ياد کي " اڇي ڪپڙي تي بدناميءَ جي دائمي ڇُنڊي" سان تعبير ڪيو ويو. سندس نالو هڪ آمر، هڪ آکاڙي جو ترار باز ۽ عوام جي دشمن طور هر گهر جي ڪنڊَ ڪڙڇ مان نفرت جي اظهار طور گونجڻ لڳو. هنن هڪ گوڙ شور ۽ تڙ تکڙ ۾ وڻَن ذريعي فيصلو ڪري ڇڏيو تہ سندس سڀ اعزازَ واپس ورتا وڃن، ڪيس اڳ عطا ڪيل لقبَ سڀني شاهراهن تي لڳل يادگارن تان مِٽايا وڃن، سندس مُجسمن کي ڦَڏا هٽي اڇلايو وڃي ۽ سندس جسر کي وانگُوڙي ۾ وجهي ترار بازن جي آکاڙي جي ان ڪمري تائين گهليو وڃي جتي هو اُگهاڙا ٿي نچندا ٽپندا هئا، تہ جيئن ماڻهن جي غصي ۽ غضبَ واري مُوڊ ڪي ماڻارو ڪري سگهجي، پر ڪين اُنهن وِڇٽيٽن ۽ فضول ماڻهن تي بہ ڪاوڙ هئي جن هنجي لاش کي فقط انڪري لڪائي ڇڏيو هو تہ سينيٽ ان سان انصاف نہ ڪري سگهي. پر پرٽينئڪس، مارڪَس جي يادن جي رسمَن ادا ڪرڻ کان ماڻهن کي منع نہ ڪري سگهيو ۽ نہ وري پهرئين محافظ ڪلاڊيَس پامپئينَس جي نيٽن مان وهندڙ نِيرن کي روڪي ٿي سگهيو جنهن پنهنجي پيٽيوي جي ڏکوئيندڙ خاتمي تي بيحد افسوس جو اظهار ڪيو ۽ ان تي هيڪاري وڌيڪ ڏَڪ ٿيس تہ جيڪو ڪجهہ سندس پيٽيوي سان ٿيو هو تہ اُهو ورتاءُ ان جڙ پاڻ گهُري ورتو هو. [47]

هڪ مُئل بادشاهَ خلاف هن قسم جي نامرديءَ واري ڪاوڙ جي پالوٽ، جيڪو جڏهن جيئرو هو تہ سينيٽ سندس نِيچ خوشامد ۾ سپ لِيڪا لتاڙي وئي هئي، توڙي جو جائز هئي پر پوءِ بہ هڪَ مڙهَہ ڪان بدلي وڃڻ جو اهو انتهائي نا مناسب طريقو هو. ڪمودس جي اعزازن جي قانوني حيثيت ڪي، بهرحال بادشاهي آئين جي اصولن موجب پوري پنيرائي حاصل هئي. هڪ اهڙو بادشاهہ جيڪو جمهوريہ ۽ جنهن جو پهريون مئجسٽريٽ بہ هجي پنهنجن سؤنپيل اختيارن جو ناجائز استعمال ڪيو هجي تہ سندس مذمت ڪرڻ، ڪيس تخت تان لاهڻ، يا ڪيس موت جي سزا ڏيڻ جو قديم ۽ [48] خاص اختيار روم جي سينيٽ کي حاصل هو، پر اُها ڪمزور اسيمبلي، " هِينئن بہ سڃڻ واهہ واهہ، هُونئن بہ سڃڻ واهہ واهہ" جي موقع پرستيءَ جي راهہ اختيار ڪندي هڪ بيساهي آمِرَ کي عوامي انصاف ذريعي سزا ڏيڻ لاءِ تيار هئي جنهن جي هُن، سندس زندگيءَ ۽ حڪومت ۾ فوجي آمريت جي طاقتور ڍالَ ذريعي خود حفاظت ڪئي هئي.

پرٽينئڪس پنهنجي اڳئين جانشين جي ياد جي مذمت ڪرڻ لاءِ هڪ باوقار طريقو ڳولي ڪڍيو جيڪو سندس گُڻن ۽ ڪمودس جي اَوگُڻن جي واضح فرق ۽ تضاد ۾ لِڪل هو. تخت سنڀالڻ واري پهرئين ڏينهن تي ٿي هن پنهنجي پوري ذاتي ملڪيت يا پٽسو ڏوکڙ وغيره پنهنجي زالَ ۽ پُٽ جي حوالي ڪري ڇڏيو تہ جيئن ڪين رياست کان رعايتون حاصل ڪرڻ يا جائز ناجائز فائدن وٺڻ جو ڪو موقعو يا بهانو هرگز نہ ملي سگهي. هن پنهنجي زال کي آگسٽا، جي لقب عطا ڪرڻ کي اجائي ڦُوندڙ تصور ڪندي انکي رد ڪيو ۽ پنهنجي نوجوان ۽ ناتجربيڪار پُٽ کي سيزر جي اعزاز عطا ڪرڻ کان بہ انڪار ڪيو تہ جيئن هو ذهني بِگاڙَ کان بچي وڃي. هڪ پيءُ ۽ هڪ حاڪر جي ذميوارين جي صحيح ۽ واضح فرق جو احساس ڪندي، هُن پنهنجي پُٽ کي بيحد سادگيءَ سان تعليم ڏياري جنهن باعث ڪيس تخت حاصل ڪرڻ جو ڪو پڪو امڪان ڪٿي بہ نظر نٿي آيو، پر جي اهڙو ڪو وقت اچي وڃي تہ هُو ان جو اهل ۽ لائق ضرور هجي. عوامي معا ۾ پرٽينئڪس جو روَيو سخت هٿڙ سان گڏ دوستاڻو بہ هو. هو سينيٽ جي نيڪناميءَ واري ڇهري سان مانوس ٿيو (۽ خانگي يا ذاتي منصب جي حوالي سان هُن هر ماڻهوءَ جي صحيح ڪردار بابت ڄاڻَ حاصل ڪري ورتي هئي) جنهن ۾ ڪو بہ تڪبر يا حسد جو جذبو شامل نہ هو. هُو سيني کي پنهنجو دوست ۽ ساٿي سمجهندو هو جن سان هُن آمريت جي عذابن ۽ خطرن بابت خيالن جي ڏي - وَٺ ڪئي هئي ۽ جن سان ملي هُن موجوده وقت جي سانت ۽ سُکون واري ماحول جون خوشيون ملهائڻ ٿي چاهيون. هو اڪثر وِندُر وِرُونهن جي شغلن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڪين دعوت ڏيندو هو جنهن ۾ سندس ڪفايت شعاريءَ تي اُهي ماڻهو ٽوڪ ۽ ٺٺوليون ڪندا هئا جن کي ڪمودس جون شاهہ خرچيون ۽ پاڻيءَ جيان پٽسو هارڻ ياد هو ۽ جنهن تي ڪين افسوس پڻ هو.

پرٽينئڪس جي، هاڻي نهايت ئي اهر پر ساڳي وقت ڏکوئيندڙ پي، اوليت اها هئي تہ ماڻهن کي جيڪي زخمَ آمريت جي ظلمن رَسايا هئا، اُنهن کي ڇُٽائڻ جي جيتري بہ ممڪن حد تائين ڪوشش ڪي سگهي تہ ڪري ڇو تہ ائين ڪرڻ سان ڪيس بيحد خوشي ٿيندي. ڪيترائي ظلمن جا ستايلَ، جيڪي، لطيف چواڻي "پيئي ڪٽي پساهَ" اڃا جيئرا هيا، ملڪ بدريءَ مان واپس گهرايا ويا، جيلن مان ڪين ٻاهر ڪڍيو ويو ۽ اُنهن کي سندن جائز حقَ، اعزاز ۽ گذاري لاءِ مناسب معاوضا ڏنا ويا. قتل ڪيل سينيٽرن جي اَڻ دفنايل لاشن (جو تہ ڪمودس جو ظالمانہ وحشي پٽ، موت ڪان پوءِ بہ ماڻهن جو پيڇو نہ ڇڏيندو هو) کي سندن اباڻن قبرستانن ۾ دفنايو ويو. اُنهن جي ياد کي زندهہ ڪيو

ويو. تباهه ٿيل ۽ ڏکويل خاندانن يا فردن سان همدردي ڪئي وئي، کين تسلي ۽ آڇت ڏني ويو. هنن دلاسن يا آڇت ڏيڻ جي عمل ۾، سپ کان وڏي احسان مندي ڊليٽرس (Delators) جي سزا جي متعلق هئي جيڪي اخلاق ۽ ملڪي معاملن ۾ پنهنجي مالڪ جا پڪا دشمن هيا. ان جي باوجود، قانوني قاتلن جي تحقيقات جي سلسلي ۾ به پرٽينئڪس پنهنجي طبيعت مڪمل اعتدال ۽ ضابطي ۾ رکي ۽ هر ڪاله انصاف جي دستوري طريقي جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ ان عمل ۾ سندس ڪو به ذاتي جذبو، ناراضگي يا پسند يا ناپسند شامل نه هئي.

هاڻي رياست جي دولت ۽ ناٿي، بادشاهه جو خاص توجه ڇڪرايو. توڙي جو ناانصافي ۽ لُٽ ڦُر ذريعي هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي هئي ته سڄي رعيت جو ناٿو ڪائنس ڪسي ۽ شهزادي جي ٽجوڙين ۾ جمع ڪيو وڃي، پوءِ به ڪموڊس جي هيتري ساري لالچ ۽ دولت جو حرص سندس فضول خرچين کي پوري ڪرڻ لاءِ تمام گهٽ هو. حدَ اها هئي ته سندس موت تي، خالي خزاني ۾ [50] اڻ هزار پائونڊن کان وڌيڪ رقم ڪانه هئي جيڪا حڪومت جي هلندڙ خرچن جو به پُورائو ڪري سگهي ۽ ملازمن ۽ بادشاهي محافظن طرفان انعامن، تحفن ۽ پگهارن وغيره جي واڌ جي پُرزور مطالبن کي پڻ مُنهن ڏيئي سگهي. ان جي باوجود ۽ ناٿي جي اٿُهوند جي ڏکين حالتن ۾ پي، پرٽينئڪس همت نه هاري ۽ ڪشاده دليءَ جو مظاهرو ڪندي ڪموڊس طرفان ايجاد ڪيل سيني محصولن ۽ ٽئڪسن کي ختم ڪيائين، جن ماٿهن جو جيئڻ به جنجال ڪري ڇڏيو هو. ۽ خزاني طرفان مڙهيل ۽ ناانصافيءَ تي ٻڌل سيني دعوائن کي رد ڪيائين ۽ سينيٽ جي حڪم ذريعي پڏرو ڪرايائين ته " آمريت، ظلم ۽ بي عزتيءَ سان دولت جمع ڪرڻ بجاءِ هُو پنهنجي جمهوريه کي غربت ۽ سادگيءَ واري معصوميت سان هلائڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندو." اقتصاديات ۽ صنعت کي هُن دولت پيدا ڪرڻ جي نِج ذريعن طور تسليم ڪيو ۽ اُنهن مان ئي ڪيس ايتري ته سني آيُت ٿي جو عوامي ضرورتن جي پَهچَ جي سلسلي ۾ صورتحال تمام بهتر ٿي وئي. گهريلو خرچَ هڪدم اڌ تائ ڪهٽايا ويا. جيڪو به عياشيءَ جو سامان هو، پرٽينئڪس ان کي عام نيلام [51] ذريعي وڪرو ڪرايو. ان ۾ سون، چاندي، نمائشي گاڏيون، بَرٽ، اُڻتن ۽ ريشم سان سينگاريل آرائشي ڪپڙَ ۽ الماڙيون، ۽ ٻنهي جنسن جا غلامَ يعني حسين مرد ۽ عورتون سواءِ اُنهن جي جن کي انسانيت جي ناتي سان ۽ ان ڪري به ته اُهي آزاد ماحول ۾ ڇاوا هيا پر اُنهن جون عزتون ۽ عصمتون سندن روئيندڙ والدين اڳيان بيدرديءَ سان لٽيون ويون هيون. ساڳي وقت هُن، اڳئين آمر جي نالائق خوشامدين سان به سُٺو ورتاءُ ڪندي، پنهنجي ناجائز طريقي سان ڪمايل دولت جو ڪجهه حصو خزاني ۾ جمع ڪرڻ لاءِ کين چيو ۽ رياست جي انصاف پسند قرض ڏيندڙن کان هو ڪافي خوش هيو ۽ جيڪي ايماندار ملازم هيا ۽ اُنهن جي ذمي جيڪي به بقايائون رهيل هيون ته اُهي فورن ختم ڪيون ويون. جيڪي وڇ واپار تي هن وقت تائين اجايون پابنديون لڳل هيون، اُنهن کي به ختم ڪيو ويو ۽ اٽلي ۽ ٻين صوبن ۾ جيڪي به زمينون غيرآباد پيل هيون، اُنهن ماٿهن کي ان شرط تي ڏنيون ويون ته اُهي اُنهن کي آباد ڪندا. اُنهن ۾ سڌارا آڻيندا ۽ رياست جي مالي حالت کي بهتر ڪرڻ ۾ مدد ڪندا. ساڳي وقت اُنهن کي ڏهن سالن تائين ڪنهن به ڏَڻ يا ٻي ٽئڪس ڏيڻ کان به آجو ڪيو ويو. [52]

ماٿهن سان سهڻي سلوڪ ۽ هڪ جهڙي ورتاءَ سبب پرٽينئڪس هڪ عظيم حاڪم طور سڏجڻ لڳو ۽ ماٿهن جي دلين ۾ هن لاءِ محبت ۽ عزت جا جذبا پيدا ٿي ويا. اُهي جن کي مارڪَس جون سهڻيون وصفون ياد هيون، کين

نئين بادشاهہ ۾ اُهي خاصيتون وڌيڪ چٽيون، جلويدار ۽ اصلي روپ ۾ نظر آيون، ۽ خوش ٿي خوشامد ڪرڻ لڳا تہ اُهي من نئين انتظام هيٺ گهٽو عرصو رهن، خوش رهن ۽ پنهنجن خوشين کي ملهائن. هڪ انتهائي بگڙيل رياست کي سڌارڻ جو اُبهرائيءَ وارو جذبو جنهن ۾ دوراندیشي ۽ دانش مندیءَ جا جُزا گهٽ نہ پر وڌيڪ هجڻ گهرجن ها، ۽ جنهن جي پرٽينئڪس جي عمر ۽ تجربي مان اُميد بہ هئي، آخرڪار هُن توڙي سندس ملڪ لاءِ موتمار ثابت ٿيو. سندس ايمانداري واري ساڃاهہ جي گهٽتائيءَ سبب نِيچ ذهنيت جا هيناهان ماڻهو هن جي خلاف متحد ٿي ويا جن جي ذاتي مطلب جي مفادن کي، مجموعي پلائيءَ جي پيٽ ۾ ڏَڪُ لڳو هو ۽ قانون جي سخت هڪ جهڙائيءَ جي مقابلي ۾ کين هڪ آمرَ جون نوازشون وڌيڪ وٺنديون هيون. [53]

عام طور تي پُرسکون ۽ خوشيءَ واري ماحول ۾، بادشاهي محافظن جي چپ چاپ واري اندروني بيزاري جيڪا سندن ڪاوڙ وارن چهرن مان صاف ظاهر هئي، سندن ناراضگيءَ کي وڌيڪ لڪائي نہ سگهي. اُنهن پرٽينئڪس جي تابعداري مجبوريءَ جي حالت ۾ مڃي هئي، جو تہ هو قديمي نظر ۽ ضبط جي اصولن ۽ سختيءَ کان خوفزده هئا جنهن کي هو آهستي آهستي پنهنجي ملڪ ۾ ٻيهر لاڳُو ڪري رهيو هو. ساڳي وقت هو اڳئين دؤر جي ڇُڙواڳيءَ کان بہ خوش نہ هئا. سندن ناراضگين جي باهہ کي سندن مُنهندار لِيٽس، پنهنجين سازشن جي ڦُوڪ ذريعي وڌيڪ ڀڙڪائي رهيو هو، جنهن کي ڏاڍي دير سان خبر پئي تہ نئون بادشاهہ هڪ نوڪر کي (يعني کيس) انعام اڪرام تہ آڇي سگهندو ۾ هو نہ تہ سندس اشارن تي هلي سگهندو ۽ نہ وري هڪ نوڪر مٿس حڪم هلائي سگهندو. سندس تخت تي ويهڻ جي فقط ٽئين ڏينهن تي، سپاهين هڪ معزز سينيٽر کي سوگهو ڪيو، سندس منصوبو اهو هو تہ هُو ان کي ڪئمپ ۾ زوريءَ کٽي وڃن ۽ کيس بادشاهي منصب سؤنپي ڇڏين. ايڏي وڏي پر خطرناڪ اعزاز ملڻ تي ڦُوندڻ جڻ بدران، ڍِنلّ شڪار سندن تشدد کان ڪ ن طرح سان بچي ۽ پڇي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي، حفاظت خاطر وڃي پرٽينئڪس جي پيرن ۾ ڪريو. ٿوري دير کان پوءِ هڪ اُبهرو نوجوان سوسيس فالڪو [54] (Socius Falco) جنهن کي ان سال جو سفارتڪار مڃيو ويو هو ۽ جيڪو هڪ قديمي ۽ شاهوڪار خاندان سان تعلق رکندڙ هو، اقتدار جي هوَس جو آواز ٻڌي ورتو ۽ پرٽينئڪس جي مختصر غير حاضريءَ ۾ هن هڪ سازش جو منصوبو ناهي ورتو ۽ پر هنجي روم جي فوري ۽ اچانڪ واپسيءَ ۽ سندس مستحڪر مزاجيءَ سبب منصوبي کي ناڪام بنايو ويو. فالڪو کي جائز ۽ قانوني طريقي سان، عوام جي دشمن طور فورن موتَ جو ذائقو چکڻو پئجي وڃي ها پر بادشاهہ، توڙي جو سندس عمل کان اندروني طرح زخمي ٿي پيو هو، منٽون ۽ ايلاز ڪري سندس جان بچائي ۽ سينيٽ کي مجرايو تہ سندس حڪومت جي صفائي ۽ سچائيءَ جي دامن کي هو ڪنهن جي رَتُ سان داغدار ڪرڻ نٿو گهُري پوءِ اُهو رَتُ پلي ڪٽي هڪ قصور وار سينيٽر جو ئي ڇو نہ هجي.

اهڙين ناڪامين تي بادشاهي محافظَ بِنهہ مڇرجي پيا ۽ سندن ناراضگي ڇوٽ ڇڙهي وئي. ڪموڈس جي موت کان فقط ڇَهاسي ڏينهن پوءِ 28 مارچ تي ڪئمپ ۾ بغاوت جي باهہ ڀڙڪي پئي جنهن لاءِ آفيسرن ڇاهيو تہ يا تہ فوري طور تي اقتدار ملي يا وري اها بغاوت ختر ٿي وڃي، منجهند جو ہن کان ٽن سؤ جي تعداد ۾ جوشيلن سپاهين رستن تي جلوس ڪڍيا، سندن هٿن ۾ هٿيار ۽ چهرن تي غضبناڪ غُصي جا جِٽا آثارَ ڪٽي بادشاهي محلات طرف

وڌندا رهيا. سندن سازش ۾ مليل بادشاهي محافظن خود ئي محلات جا گيٽ کولي ڇڏيا. هن سازش ۾ محلات جا پراٽا پاليل به شامل هٿا جن نيڪ ۽ مٿاهين ڪردار واري بادشاهَ کي ختم ڪرڻ جي هڪ گڏيل سازش سِٽي هئي. سازشين جي پهچڻ جي خبر ملڻ شرط پرٽينئڪس، پڇڻ يا لِکي وڃڻ کان نفرت ڪندي، پنهنجن قاتلن سان ڳالهائڻ خاطر پاڻ اڳتي وڌيو. پنهنجي معصوميت ۽ بي گناهيءَ جي باري ۾ ڪجهه واضح حقيقتون سندن دماغ جي اندر اوتيائين ۽ سندن وفاداريءَ جو تازو ڪنيل قسم کين ياد ڏياريائين. ڪجهه گهڙين لاءِ خاموشي ڇانئجي وئي، هو چُپ چاپ بيٺا رهيا ۽ پنهنجي ناپاڪ منصوبي تي شرمندا ٿي رهيا هيا ۽ بادشاهه جي عزت پرئي مرتبي سندس باوقار ۽ مستقل مزاجيءَ کان بيحد متاثر ٿي رهيا هيا، پر انهن انتظار جي گهڙين ۾ معافي ونڊ ۽ سندن ڪاوڙ جي جذبن جي وچ ۾ جنگ شروع ٿي وئي ۽ آخر ڪار ٽانگريس [55] (Tongres) ملڪَ جي هڪ بربَر اڳتي وڌي بادشاهَ تي پهريون وارُ ڪيو ۽ اهڙي طرح پرٽينئڪس کي گهاوَن مٽان گهاوَ رسندا رهيا. سندس سِرَ کي هنجي ڏاڙَ کان ڌار ڪري نيزي تي رکيو ويو ۽ فخر وچان ان کي محافظن جي ڪئمپ ۾ نِيو ويو. ڪيترن ئي ماڻهن ڳوڙها ڳاڙيندي ۽ ماتم ڪندي پنهنجي عظيم بادشاهَ جي انتهائي افسوسناڪ انجام تي حيرت ۽ ڏُکَ جو اظهار ڪيو. ۽ جڏهن ايندڙ وقت ۾ حالتون وڌيڪ خراب ٿيندين ۽ عوام جي بد بختي عروجَ تي هوندي تہ اُن وقت سندس مختصر حڪومت جي عارضي نعمتن جي ياد سندن جيءُ جهنجهوڑيندي ۽ کين سخت ستائيندي رهندي. [56]

باب - چوٽون
حاشين بابت وضاحتون.

1. ڏسو ائوبديس ڪئسيس جون شڪايتون. (آگسٽ جي تاريخ . ص - 45). اهو سچ آهي ته هي ڏاڙابنديءَ جون شڪايتون آهن پر ان ۾ ڪنهن به ايجاد يا نئين ڳالهه جي پيٽ ۾. وڏاءُ وڌيڪ هوندو آهي.
2. " اها ڳالهه تمام گهٽي مشهور آهي ته سِئينا (Caieta) تي هنڌ تي فاسٽينا، سامونڊي ناڪُٽن (ملاحن) ۽ پهلوانن سان پيار جي راند وجي رچائي، (آگسٽ جي تاريخ، ص - 30) ليمپرائيديس وڌيڪ کولي ٻڌائي ٿو ته فاسٽينا پنهنجي لاءِ ڪهڙي ڪَرَ جي چونڊَ ڪئي هئي ۽ ابتريءَ جي ڪهڙين حالتن مان گذري هئي. (آگسٽ جي تاريخ . ص - 102)
3. آگسٽ جي تاريخ (ص - 34) .
4. سڄي دنيا مارڪَس جي پورڙائي ۽ ويساهه ڪرڻ جي سادگيءَ تي وڏا وڏا ٽهڪَ ڏئي کِلي آهي، پر مئڊم دئسيئر اسان کي يقين ڏي ڏياري (۽ اسان کي هڪ عورت تي پروسو ڪرڻ گهرجي) ته جيڪڏهن زالَ مُڙس مٿان مهرباني ڪري بهروپ اختيار ڪندي رهي. ته مُڙس هميشه لاءِ دوکو کائيندو رهندو (ڏسو "غور ۽ فڪر" - ڪتاب - I)
5. ڊائن ڪئسيس. (Ixxi, 1195) آگسٽ جي تاريخ (ص - 33). فاسٽينا کي ديوي ڪري پوڄڻ فقط هڪڙوئي نقص آهي جيڪو جُولين، پنهنجي تنقيد ۾ مارڪَس جي عمدي اخلاق ۽ ڪردار ۾ ڳولي لڌو آهي.
6. ڪموڊس پهريون شهزادو هو جيڪو پنهنجي پيءُ جي تخت نشينيءَ وقت ڄائو هو. هڪ نئين طرز جي خوشامد ڪئي وئي ته مصر کان جيڪي تمغا ٺهرايا ويا اُنهن تي تاريخ اهڙي نقش ڪرائي وئي جيڪا سندس حڪومت جي دوُر ۽ عرصي مطابق هجي، (ٽِليمانٽ، بادشاهن جي تاريخ. (ii, 752)
7. آگسٽ جي تاريخ. (ص - 46)
8. ڊائن ڪئيسيَس. (Ixxii, 1203)
9. ترٽولين مطابق (معافي نامو. باب - 25) هُو سرمير (Sirmium) ۾ مُئو. پر وِندو بونا يا وِئينا (Vienna) جي صورتحال، جتي فاتحَ سندس موتَ جو هنڌ ٻڌائن ٿا، اُهو مرڪماني ۽ قادي خلاف جنگي ڪارروائين لاءِ بهتر جڳهه معلوم ٿئي ٿي.
10. هيروڊئن. (i, 12)
11. هيروڊئن. (i,16)
12. هيءَ آفاقي خوشي مسٽر ووٽن (Mr. Wotton) چڱيءَ طرح بيان ڪئي آهي. (تمغن توڙي مؤرخن جي حوالي سان)
13. ائوبديَس ڪئيسيَس جو اعتماد وارو سيڪريٽري مئنيليَس (Manilius) ڪيترا سال غائب رهڻ کان پوءِ ظاهر ٿيو. بادشاهَ بيحد مانائتي نموني سان ماٿهن جي انتظار ۽ بيچينيءَ جي ڪيفيت کي دور ڪيو جڏهن هن سان ملڻ کان انڪار ڪيائين ۽ سندس دستاويز کولڻ کان بغير ڦاڙي ڇڏيائين. (ڊائن ڪئيسيَس. (Ixxii,1209)
14. ڏسو مافي. ڊگلي ائمفيٿيٽري (ص - 126)
15. ڊائن. (Ixxii, 1205) هيروڊئن (i,16) آگسٽ جي تاريخ (ص - 46)

* ص - 76 (اطلاع ڏيندڙ - Informers)

16. آگسٽ جي تاريخ بابت هڪ تبصري ۾ ڪئسوبان (Casaubon) هنن ناليوارن پائرن متعلق ڪافي مواد جمع ڪيو آهي. سندس تبصري جي صفحو 94 جو مطالعو ڪجي.

17. ڊائن. (Ixxii, 1210) هيرودئن (i,22) آگسٽ جي تاريخ (ص - 48) ڊائن هين موڙخن جي مقابلي ۾ پيرينس (Perennis) جو ڪردار گهٽ نفرت جوگو ڇاڻايو آهي. سندس اعتدال پسندي هنجي سچائيءَ سان سندس وفاداريءَ جو ثبوت آهي.

18. هي پيونِڪ جي جنگ ۾، روم جي ماڻهن، ديوتائن جي ماءُ جي عبادتَ ايشيا کان پاڻ وٽ آندي. هن جشن کي ميگاليشيا (Megalesia) سڏيندا هئا جيڪو هر سال چوٽين اپريل تي شروع ٿيندو هو ۽ چئ ڏينهن هلندو هو. رستن ۽ گهٽين تي جنونِي جُلوسَن جا ميڙ مَتل رهندا هئا، ٿيٽرن ۾ تماشبينن جا انبوهَ ۽ هر جڳهه تي ٽيبلون پاڻمرادن مهمانن جي هجوم سان پريل هوندیون هيون. نظر ۽ ضبط يا پوليس وغيره هنن ڏينهن ۾ ميلي ۾ اندر نه ايندي هئي، ۽ مزا ماڻڻ ئي فقط ماڻهن جو وڏي ۾ وڏو مقصد هوندو هو. (ڏسو اووِد ڊي فاسٽس وغيره. (iv, 189)

19. ڏسو هيرودئن. (i,23,28)

20. پروفلئڪو ۾ ڏسو سِسيرو (باب - 27)

21. اهڙين مهانگين خريد کيل ترڪين مان هڪ تي، هڪ پوڳَ واري چَوٽي مشهور تي ته جُوليَس سولن کي سينيٽ منجهه نيڪالي ڏني وئي هئي.

22. ڊائن. (Ixxii, 1213) ٻڌائي ٿو ته ڪنهن به آزاد ماڻهوءَ وٽ ايتري دولت ڪانه هئي جيتري ڪلينڊر وٽ هئي. پالسَ جو پاڳَ، بهرحال، 25 لک پائوندن تائين پهتو هو.

23. ڊائن. (Ixxii,1213) هيرودئن (i,29) آگسٽ جي تاريخ (ص- 52) هي غسلخانا پورتاڪئپنا جي جڳهه جي ويجهو ٺهرايا ويا هيا. ڏسو ناردِيني، روما ائٽيڪا (ص - 79)

24. آگسٽ جي تاريخ (ص - 48)

25. هيرودئن (i,28) ڊائن (Ixxii, 1215) پويون ٻڌائي ٿو ته روم ۾ ٻه هزار ماڻهو هر سال مرندا هئا ۽ اهو سلسلو ڪافي عرصو قائم رهيو.

26. (" اهو پهريون دفعو هو جو بادشاهي محافظن جا، هڪ آزاد ماڻهوءَ سميت تي ڪماندر هئا. ") شرافت جا شايد ڪي جُزا ايا باقي هيا جو ڪلينڈَر هڪ عهدي وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ هن بادشاهي محافظ جي ڪماندر جو عهدو قبول ڪيو. هين آزاد ماڻهن جي عُهدن جي ترتيب ڪيترن ڪاتن منجهان ڪجهه هن طرح هئي: (عوامي اڪائونٽس جي ڪاتي جو وزير)، (لِکَ پڙهه جي ڪاتي جو وزير)، ڪلينڈَر پاڻ کي 'شاهي محافظ' سڏرايو جيڪو بادشاهَ جي ذات جو خاص محافظ هجي، سلماسِيس ۽ ڪئسو بان مٿي ذڪر ڪيل موضوع تي گهٽ ڳالهايو آهي.

27. (شهري پيادل فوج) هيرودئن (i,31) اِهو مشڪوڪ ٿو لڳي ته سندس مطلب بادشاهي پيادل فوج سان آهي يا "شهري ٽولن" سان - هڪ جٿو جيڪو چَهن هزار ماڻهن تي مشتمل هو. پر جن جو مرتبو ۽ ڪر، اُنهن جي تعداد جي برابر نه هو. نه ٽِلي مانٽ ۽ نه وري ووٽن هن معمي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

28. ڊائن ڪئيسيَس (Ixxii,1215)، هيرودئن (i,327) آگسٽ جي تاريخ (ص - 48)

29. (هُن پنهنجين پيٽين سان زنا ڪاري ڪئي. هن پنهنجين سُريتن سان پنهنجي موجودگيءَ ۾ بُرو ڪم ڪرايو. هُو ان حد تائين به ويو ته نوجوان ماڻهن جي پاڪڙن ۾ پاڻ کي ڇڏي ڏنائين ته جيئن وٽين، ساڻس ڪن ۽ ٻنهي جنسُن يعني مردن توڙي عورتن سان نيچ ۾ نيچ ڪمينگيءَ جي حد تائين ويو جو پنهنجي جسم جي هر عضوي کي، ويندي پنهنجي وات کي به گندو ۽ پليد ڪيائين.)

30. آفريڪي شينهَن کي جڏهن بُکَ تپائيندي هئي ته هو ڪليل ڳوٺن ۽ آباد زمينن ۾ ڪاهي پوندا هئا ۽ جاڏي ڪاڏي سواءِ ڪنهن خوف خطري جي پکڙجي ويندا هيا. بادشاهي شينهُن، خود بادشاهه ۽ گاديءِ جي هنڌ جي زينت ۽ تفريح لاءِ رکيو ويو هيو. هڪ بدقسمت هاريءَ پنهنجي حفاظت ۾ هڪڙي جانور کي ماري وڌو، جنهن تي تمام وڏو ڏنڊُ وڌو ويو. جانورن جي شڪار جي قانون کي آنريَس (Honorius) ڪجهه نرم بنايو جنهن کي اڳتي هلي جسٽينين (Justinian) بلڪل ختر ڪري ڇڏيو. (ڪوڊيڪس ٿيوڊوس - v,92 گوٽو فريڊ جي تبصري سميت).

31. اسپانير، دي نيومسمت (de numismat) ۽ مضمون (xii,ii,493)

32. ڊائن (Ixxii,1216) آگسٽ جي تاريخ (ص - 49)

33. شُتر مرغ (Ostrich) جي ڳچي تي فوٽ ڏگهي ٿئي ٿي ۽ ان ۾ سترهن هڏيون ٿين ٿيون. (ڏسو بفن - فطري تاريخ ۾).

34. ڪموڊس هڪ زراف کي ماريو (ڊائن. (Ixxii, 1211) جيڪو ڏگهي ۾ ڏگهو، وڏ ۾ وڏ سُنڊ ۽ چشن پيرن وارن جانورن ۾ وڏ ۾ وڏ بيڪار آهي. اهڙو بي بها جانور، جيڪو آفريڪا جي به ٻهراڙين ۾ ڪٽي ۽ ڪڍهن ملندو آهي، علم جي روشني اچڻ کان پوءِ يورپ ۾ ڪٽي به نه ڏٺو ويو آهيَ ۽ جيتوڻيڪ ايم.دي بفن (فطري تاريخ - تمام - xiii) ۾ ان کي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر زراف جو تصويري خاڪو پوءِ به نه ڪڍي سگهيو آهي.

* ص - 81 (جهنگلي جانور)

35. هيروڊئن. (i,37) آگسٽ جي تاريخ (ص - 50)

36. نيڪ ڪردار وارن ۽ سياڻن - شهزادن، سينيٽرن توڙي وڏَ - گهراڻن وارن کي هِن ڪُڌي ڪم کي اختيار ڪرڻ کان سخت منع ڪئي هئي جيڪو بدناميءَ جو باعث هو ۽ جنهن کي اختيار ڪرڻ کان، ملڪ بدرڪيل زماني جا بدنام ماڻهو به ڏڃندا هئا. آمرن طرفان اهڙن بدنام ماڻهن کي ڇڪڻ ۽ آکاڙي ۾ ڪرتب ڏيکارڻ لاءِ وڏڪا داڻَ به ڏنا ويندا هيا ته کين انعامن جون لالچون به آڇيون ويندين هيون. نيرو هڪ دفعي چاليهن سينيٽرن ۽ سٺ سردارن کي آکاڙي جي پڙَ ۾ مقابلي ڪرڻ لاءِ پيش ڪيو. (سئچريليا ۾ ڏسو لِپسيَس (ii,2) هن سوٽونيس جي تحرير جو ٽڪرو نيرون ۾ خوشيءَ سان درست ڪيو آهي (باب - 12).

37. لپسيَس (ii,7,8) هن ڪرتب بابت، اڻين ناپختہ طنز ۾، ڏاڍو خوبصورت بيان پيش ڪيو آهي.

38. آگسٽ جي تاريخ - (ص - 50) ڊائن. (Ixxii,1220) هر دفعي ڪيس ڏيسيز مليون جن جو مُلهه 8000 پائونڊن جي برابر وڃي ٿيندو.

39. وڏن اسان کي ٻڌائي ٿو ته ڪموڊس پنهنجن مخالفن کي مُڏي ۽ ناڪاره قسم جي هٿيار ڪٽڻ جي اجازت ڏيندو هو جيڪو سندن مايوسي ۽ نا اُميديءَ جو باعث ٿيندو هو ۽ نتيجو اڳواٽ ئي صاف ظاهر هوندو هو.

40. ڪين مجبورن ڇَ سؤ ڇَويهَ دفعا ڏهرائڻو پيو، يعني " پالس - سيَ ڪان پهريون ترار باز" وغيره.

41. ڊائن (Ixxii,1221) هو پاڻ پنهنجي گهٽتائيءَ ۽ خطرن جو ذڪر ڪري ٿو.

42. هن پنهنجي جرئت سان ڪجهه پنهنجي دُور انديشيءَ کي به ملائي چڏيو ۽ پنهنجي همارَ جو وڏو حصو هن بهراڙيءَ جي سانت سڪونَ ۾ وڃي گذاريو. بَهانو اهو ڪيائين ته هو هاٿي پوڙهو ٿي چڪو هو ۽ سندس اکين جي ڏِيدَ ۾ به گهٽي جَهڪائي اچي چڪي هئي. مُون، سواءِ پرٽينئڪس جي مختصر حڪومت جي، ڪيس ڪڏهن به سينيٽ ۾ نه ڏٺو." ڊائن چوي ٿو. سندس سڀ جسماني ڪمزورين ڪيس اوچتو چڙي ويون پر شهزادي جي قتل تي اُهي اوتريون ئي اوچتو وتَس واپس موٽي آيون. (ڊائن - Ixxiii,1227).

43. منتظر يا ته هر ڪلاڪ ڪان پوءِ يا هر ڏينهن پيا بدلبا هيا ۽ ڪمودس جي هر لمحي بدلجندڙ طبيعت سندس محلات جي بيحد پسنديده مُنهندارن لاءِ موتمار ثابت ٿي. (آگسٽ جي تاريخ - 51-46)

44. ڊائن، (Ixxii, 1222) هيروڊئن، (i,43) آگسٽ جي تاريخ (ص - 52)

45. پرٽينئڪس، پائيڊمانٽ ۾ البا پامپيا (Alba Pompeia in Piedmont) جو رهاڪو هو ۽ هڪ ڪاڻَ جي واپاريءَ جو پٽ هو. ترتيبوار سندس نوڪريون (جن کي ڪئپيٽولينَس - Capitolinus بيان ڪيو آهي) اسانجو توجه چڪرائن ٿيون ته ڪيئن حڪومتن جا سلسلا، ان دوَر جي رسمُن رواجن ۽ ماڻهن جي هلت چلت بابت، اسان تي گهڻو ڪجهه واضح ڪن ٿا. سندس نوڪرين جي ترتيب هن طرح هئي: (1) هو هڪ سوَ سپاهين جو سپه سالار هو.
(2) پارسين جي جنگ توڙي برطانيه ۾، هو شام ۾ فوجي جٿي جو مُنهندار هو. (3) ڪيس ميسيا ۾ اَلا (Ala) جو عهدو يا گهوڙن جو شهسوار چونديو ويو. (4) هُو ايميلين وي ۾ ڪاڌي خوراڪ رسائڻ جو فوجي ناظر هو. (5) هن رائين تي هڪ ساموندي آرماڙ جي ڪمانَ سنڀالي. (6) هو ڊئسيا ۾ رومي بادشاهت جو گورنر هو ۽ سندس سالياني پگهار 1600 پائونڊ هئي. (7) هن آزمودگار ۽ مهارت رکندڙ فوجين جي ڪمانَ ڪئي هئي. (8) ڪيس سينيٽر جو عهدو عطا ڪيو ويو. (9) هو مئجسٽريٽ به رهيو. (10) ڪيس رهيشيا ۽ ناريڪر ۾ پهريون ڪمانڊر مقرر ڪيو ويو. (11) هو 175ع ۾ سفارتي عهدي تي به فائز رهيو. (12) هُو مشرق ۾ مارڪَس جي تابع رهيو. (13) هن دنيوب تي فوج جي قيادت ڪئي. (14) هو ميسيا جو وڏو ايلچي رهيو. (15) هو ڊئسيا جو به ايلچي رهيو (16) شام جو پي. (17) برطانيه جو به. (18) روم ۾ عام ماڻهن جي ڪاڌي خوراڪ جي سنڀال سندس نظرداريءَ هيٺ ڏني وئي هئي. (19) هو آفريڪا جو مڪيه مئجسٽريٽ يا گورنر به رهيو. (20) شهر جو مُنهندار يا سردار به رهيو. (هيروڊئن- i,48) سندس غير دلچسپي رکندڙ طبيعت سان انصاف ڪيو آهي (يعني اهڙو شخص جنهن جي طبيعت جو فطري لاڙو حڪومتي معاملن ڏانهن نه هجي.) ۽ ڪئپيٽولينس جنهن ڪيترائي افواهَ به پاڻ وٽ ڪٺا ڪٽي ڪيا هيا، مٿس وڏي مالدار هئڻ جو الزام مڙهيو آهي جيڪو هن رشوت ۽ بدعنوانيءَ ذريعي پاڻ وٽ ڪنو ڪيو هو.

46. سيزر ۽ جُولين مٿس ڪمودس جي موت ۾ هڪ مددگار هئڻ جو الزام ٿو هڻي.

47. ڪئپيٽولينَس اُنهن تڙ تڪڙ ۾ ڏنل وڻڻ بابت اسانکي ٻڌائي ٿو جنهن جي شروعات فقط هڪَ سينيٽر ڪان ٿي، باقي ٻين ڪٽي ان سان ' ها ۽ ها' ملائي ۽ اهڙيءَ طرح سيني ڪٽي وڏي واڪي پنهنجي طرفان به ها چيو.

48. سينيٽ نيرو جي پُر زور مذمت ڪندي ڪيس موت جي سزا ڏني هئي (سندن وڏڻن جي روايتن ۽ رسمن مطابق)

49. ڊائن (Ixxii,122) هڪ سينيٽر جي حيثيت ۾ اُنهن شغلن بابت ٻڌائي ٿو جو ته هن بادشاهه سان گڏ رات جي کاڌي ۾ شرکت ڪئي هئي. ڪئپيٽولينس (آگسٽ جي تاريخ - ص 58) هڪ غلام وانگر ڳالهائي ٿو جنهن کي ڪا ڳجهي خبر جڏ هڪ نيچ ۽ خسيس نوڪر کان ملي هئي.

50. ڊيسيز. (Decies) پيٽس جي اقتصادي حالت ايتري ته سُٺي ۽ غير داغدار هئي جو هن پنهنجن پونيرن لاءِ ادائي ملين اسٽرلنگ جي پُونجي پُنتي ڇڏي. ڊائن. (Ixxiii,1231)

51. اجاين ڳُهن زيورن کي پٽسن ۾ تبديل ڪرڻ جي تجويز کان سواءِ، ڊائن (Ixxiii,1229) پرٽينئڪس جا ٻه ڳجها مقصد ٻڌايا آهن. هڪ ته هُن ڪمودس جي براين کي واڪو ڪرڻ ٿي چاهيو، ٻيو ته خريدارن کان اُنهن ماڻهن جي باري ۾ معلومات وٺڻ ٿي چاهيائين جن جي مُهاندن ۽ عادتن ۾ ڪمودس سان هُو بهو واري هڪ جهڙائي هئي.

52. توڙي جو ڪئپيٽولينَس، پرٽينئڪس جي ذاتي زندگيءَ بابت ڪيترين ئي ڪهاڻيون هِتان هُتان هٽ ڪري ورتيون آهن، پر هُو ماڻهن سِان سندس سهڻي سلوڪ بابت تعريف ڪرڻ ۾ ڊائن ۽ هيروڊئن سان اتفاق ٿو ڪري.

53. "قانون ٻوڙو ۽ بي رحم آهي." (لِوي - ii,3)

54. جيڪڏهن اسان ڪئپيٽولينَس تي ويساهه ڪريون (جيڪو ڪجهه ڏکيو ٿو لڳي) فالڪو، پرٽينئڪس سان سندس تخت نشيني واري ڏينهن تي ئي گستاخي ۽ بدتميزيءَ سان پيش آيو هو. پر عقلمند بادشاهه سندس جوانيءَ جي جوش ۽ ناتجربيڪاريءَ تي ڪيس فقط تنبيهَ ڪئي هئي. (آگسٽ جي تاريخ - ص - 55)

55. لِيچ جي جديد پادري جو عهدو. هي سپاهي بنّاوِيَن گهوڙن وارن محافظن جي دستي سان تعلق رکندو هو جيڪي گيلڊريس جي علائقي يا ان جي اوسي پاسي ۾ رهندا هئا ۽ پنهنجي بهادري ۽ دليريءَ جي ڪارنامن سبب گهڻا مشهور هئا ۽ پنهنجن گهوڙن سميت نهايت ئي ويڪريون ۽ تمام تِکن وهڪرن واريون ندين تري وڃي پار پوندا هئا. (ٽئسيٽَس جيَ تاريخ iv,12، ڊائن، Iv,797 لِپسيَس - ڊي ميگنيٽيو ڊائن روماناَ، i,4)

56. ڊائن (Ixxiii, 1232) هيروڊئن (ii,60) آگسٽ جي تاريخ (ص- 58) ايپيٽوم ۾ وڪٽر ۽ سزئريبَس ۽ يوٽروپيَس. (viii,16).

باب - پنجتون

ڊالڊيتس جُولئينس کي، بادشاهه جي محافظن طرفان بادشاهت جو ڪُليل وڪرو - برطانيه ۾ ڪلوڊيتس آلبينس، شام ۾ پسينيتس نائجر ۽ پنونيا ۾ سيپٽيميتس سيورس، پرٽينئڪس جي قاتلن خلاف ڪُليو اعلان ڪن ٿا. خانه جنگيون ۽ سندس ٽن مخالفن خلاف سيورس جي سوچ - ضابطن جي ڏراڻي - حڪومت طرفان نوان اصول ۽ ضابطا.

ترار جي طاقت کي ننڍي برادري يا جماعت جي مقابلي ۾ هڪ وسيع موروثي بادشاهت جي دائري ۾ سؤلائيءَ سان محسوس ڪري سگهجي ٿو. بيحد قابل سياستدانن طرفان اهڙو حساب رکيو ويو آهي ته ڪابه رياست، جيڪا جيڪڏهن جلد ختر نئي ٿئي ته پنهنجي ماٿهن جو سَوون حصو (hundredth part) به فوج ۾ يا بيڪاريءَ ۾ پاڻ وٽ نئي رکي سگهي. پر توڙي جو اها حصي رسي هڪ جهڙي به هجي پر باقي سوسائٽيءَ تي انجو اثر جدا جدا ۽ ان جو دارو مدار ان جي طاقت جي ماڻَ ۽ ماپي مطابق هوندو فوجي سائنس ۽ ان جي نظر ۽ ضبط جو تيستائين ڪو به هڙ حاصل ڪونهي جيستائين سڀ سپاهي پاڻ ۾ ملي، متحد ٿي ۽ هڪ جسر ٿي وڃن جن ۾ هڪڙوئي روح موجزن هجي. ٽورڙن ماٿهن ۾ اهڙي ٻَڌي اثرائتي نه هوندي، وري جي اڳواڻ ٿي اڻ گهڙيي ڪاڪ جهڙو هجي ته اُتي اهڙو ايڪو ٽيڻ ممڪن ٿي ڪونهي، ۽ وري اهڙن نازڪ مرحلن ۾ ان ڳالهه جو به امڪان آهي ته اهڙي تحريڪ جو ڪارج ٿي ختر ٿي وڃي ۽ سوچَ جا سَلائي سڙي وڃن. هن مشاهدي جي وڌيڪ وضاحت ڪجهه هن طرح ٽيندي ته اسانکي اها ڳالهه ڏيان ۾ رکڻ گهرجي ته فطري قُوت، مصنوعي هٿيارن يا حاصل ڪيل هنرَ جي اهميت يا طاقت اهڙي ناهي جو هڪڙو ماڻهو پاڻ جهڙن هڪ سؤ ماٿهن تي دائمي حڪر هلائي پنهنجي فرمان هيٺ رکي سگهي: هڪ شهر يا ڪنهن ننڍي ضلعي جي آمر کي جلد خبر پئجي ويندي ته هٿيار رکندڙ هڪ سؤ ماٿهو به ڏهَ هزار هارين يا اوتري ئي تعداد جي شهرين خلاف هڪ ڪمزور بچاءُ ثابت ٽيندا پر هڪ لک نظر ۽ ضبط رکندڙ سپاهي، ڏهه مِلين يا هڪ ڪروڙ ماٿهن تي به پوري زور ۽ طاقت سان حڪومت ڪري سگهندا: ۽ ڏهن ڪان پندرهن هزار محافظن جو هڪ منظر جتُن لکن ماٿهن ۾ به خوف ۽ هراس ڦهلائي سگهي ٿو ۽ ماٿهن جي هجومَ سان پريل ڪنهن وڏي گاديءَ جي هنڌ کي به لوڏي سگهي ٿو.

بادشاهي محافظَ، جن جي عياشيءَ واري روَش روم جي بادشاهت جي زوال جي پهرين علامت هئي، پر اُهو آخري ڪارڻ هرگز نه هو.[1] ان اداري جو بنياد آگسٽَس رکيو هو. اُن ڇالاڪ آمر، اهو محسوس ڪندي ته قانون ۾ قيرقارَ اچي سگهي ٿي ۽ ٻيو ته هن سوچيو ته فقط فوج جا ماڻهو ئي سندس دبڦي ڪيل حڪومت کي جاري رکي سگهندا، آهستي آهستي محافظن جي طاقتور جتّن کي ترتيب سان ناهيندو رهيو، جيڪي سندس بچاءَ ۽ حفاظت لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا: سندن وجود، سينيٽ توڙي آس پاس جي عنصرن کي ڊيڄارڻ، خواهه ڪنهن به امڪاني بَلوي يا فساد کي روڪڻ يا ان کي ختر ڪرڻ لاءِ ڪافي هو. سندس پسنديده فوجين جي هن طبقي جي جدا حيثيت هن طرح به هئي ته ٻين فوجين جي مقابلي ۾ ڪين ٻيٽو پگهار ملندو هو ۽ ٻيون خصوصي رعايتون ۽ سهولتون حاصل هيون،

پر، جيئن ته سندن انتهائي طاقتور حيثيت، روم جي ماڻهن ۾ فورن تشويش يا سندن ڪاوڙ جو باعث بڻجي ها ته هن ٽي فوجي جٿا گاديءَ جي هنڌ ۾ مقرر ڪيا ۽ باقي بچيل جٿن کي اٽلي جي پروارن شهرن ۾ اُماٽيو ويو. [2] پر پنجاهه سالن جي امن ۽ غلاميءَ ڪانپوءِ، ٽائبيريس هڪ جرئت وارو فيصلو ڪري ورتو جنهن هميشه لاءِ سندس ملڪ جي ڪَرَئن کي جڪڑي مضبوط ڪري ڇڏيو: هڪ مناسب بهانو ڪيائين ته هو اٽلي کي فوجين جي بارَ کان آجو ڪندو ۽ محافظن کي سخت نظر ۽ ضبط جو پابند ڪندو: هن روم جي هڪ مستقل ڪئمپ [3] ۾ کين جمع ڪيو، جنهن کي وڏي احتياط سان قلعا ناهي محفوظ بنايو ويو. [4] ۽ ان کي اُتان ڪمان ڪرڻ جي پوزيشن ۾ تيار ڪيو ويو. [5]

اهڙا هيبتناڪ نوڪر هر وقت ضروري هوندا آهن پر اُهي گهٽو ڪري آمريت جي تخت ۽ تاج لاءِ موتمار ثابت ٿيندا آهن. بادشاهي محافظن جي جٿن جي ڊيوٽي محلات ۽ سينيٽ ۾ مقرر ڪندي، بادشاهن کين پنهنجي قوت ۽ حڪمن بابت سمجهايو ۽ شهري حڪومت جي ڪمزورين تي نظر رکڻ، ۽ پنهنجن مالڪن جي براين کان نفرت ڪرڻ جو به کين تاڪيد ڪيو ۽ اهو به کين چيو ويو ته پنهنجي ادب واري خوف کي هو ٻلي پاسيرو ڪري ڇڏين جو ان سان ويجها وڃن تا ۽ اهي سڀ ڳالهيون جي هڪ راز رهن ته سندن تصوراتي طاقت کي برقرار رکي سگهجي ٿو. هڪ شاهوڪار شهر جي آسائش ۽ آرام ۾ رهندي، سندن فخر ۽ ڏهڀي کي سندن ٽي حاصل ڪيل خاص اهميت جي جڳهه جي ٽيڪَ مليل هئي: جو ته اهو ممڪن ٽي نه هو ته حاڪر جي ڪا ذاتي يا شخصي ڳالهه به ڪاڻُن لکل هجي، سينيٽ جا اختيار، قومي خزانو ۽ گاديءَ جو هنڌ مطلب ته سڀ ڪجهه سندن هٿ ۽ وَسَ ۾ هو. شاهي محافظن کي انهن خطرناڪ رجحانن ڪان پاسو ڪرڻ يا پري رهڻ جو چَوڻ خود ڪيڏو نه خطرناڪ هو جو جيڪي بيحد مضبوط ۽ مڃيل شهزادا هٿا ته اُهي به کين حڪمن سان گڏ خوشامد ۽ سزائن سان گڏ انعامن کي ملائيندا هٿا: سندن حيثيت جي چاپلوسي ڪندا هٿا، اُنهن جي خوشين ۾ شريڪ ٿيندا هٿا، سندن غلط ڪمن تي مصلحت ڪان ڪر ونڊندا هٿا ۽ اُنهن جي غير يقيني اعتماد ۽ وفاداريءَ کي دولت جي انبارن ذريعي خريد ڪندا هٿا: ۽ هي سلسلو ڪلاڊيس جي تخت نشينيءَ ڪان وٺي ڇڻ سندن هڪ قانوني حق بڻجي ويو هو جيڪو هُو هر بادشاهه جي تخت تي ويهڻ شرط ڪانئس وصول ڪندا هٿا. [6] محافظن جا وڪيل ڪوشش ڪري دليلن ذريعي اهو ثابت ڪندا هُٿا ته جيڪي اختيار اُنهن وٽ فوجين جي حيثيت سان هيا، اُنهن کي قائم رکڻ لاءِ، آئين جي صاف ۽ واضح اصولن موجب، بادشاهه کي چُونڊڻ وقت، سندن راءِ وٺڻ بيحد ضروري هئي. ايلچين، جنرلن ۽ مجسٽريٽن جي اليڪشن تي بهرحال هاٿي سينيٽ جو قبضو ٽي ويو هو. جيڪو درحقيقت روم جي ماڻهن جو قديمي ۽ جائز حق هو. پر روم جي ماڻهن کي هاٿي ڪٽان ڳولجي؟ غلامن ۽ ڏارين جي ڳڏيل لشڪر ۾ هرگز نه. جيڪي روم جي ڳِهٽين ۾ رُلندا ٻُنندا وتندا آهن: ۽ جيڪي غلاميءَ واري ذهنيت اختيار ڪري چڪا آهن ۽ ايئن ٽي بي جان ۽ بي رُوحا آهن جيئن ڪو يتيم ملڪيت کان سواءِ هجي. رياست جا محافظ، جيڪي اٽلي جي مهڪندڙ نوجوان نسل [8] مان چُونڊيا ويندا هيا ۽ جن کي فوجي توڙي اخلاقي قدرن جي سکيا ڏني ويندي هئي، اُهي ٽي عوام جا صحيح نمائندا هوندا هيا، جيڪي جمهوريه جي مليٽري جي سربراهه کي چونڊڻ جا حقدار به هيا ته هر لحاظ کان موزون پڻ هيا. هي وِيچارَ پِلي دليلن ۾ نقص وارا هجن، پر ان وقت ته صنا لاجواب ٽي

پيا جڏهن خطرناڪ شاهي محافظن پنهنجون تراروں تارازيءَ جي پڙ ۾ وڌهي [9] پنهنجي زور ۽ زبردستيءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ ائين ٿي لڳو ته ڪنهن بربر فاتح روم تي قبضو ڪري سوپ ماڻي هئي.

بادشاهي محافظن، پرٽينئڪس کي قتل ڪري تخت جي ننگ ۽ ناموس کي بيعزتو ڪيو هو ۽ ان کان بعد واري انتهائي نامناسب روپي باعث پڻ هنن تخت ۽ تاج جي وقار کي ذليل ڪري ڇڏيو هو. ڪٿمپ ۾ ڪو به رهنما ڪو نه هو. سندن مُنهندار لِيٽَس جنهن اڳ سڄو طوفان برپا ڪيو هو، دوراندیشيءَ ذريعي ماڻهن جي ڪاوڙ ۽ غصي کان پري ٿي ويو هو. وڏي ڏمڙ ۽ گوڙشور مان سَلپيسٽينَس، (Sulpicianus) بادشاهه جو سَهرو ۽ شهر جو گورنر، جنهن کي فساد شروع ٿيڻ سان ئي ڪٿمپ ۾ موڪليو ويو هو، ماڻهن جي غمَ ۽ غُصي جي طوفان کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، پر ڪيس قاتلن جي پوائنٽن آوازن ۽ شور شرابي چپ ڪرائي ڇڏيو جيڪي نيزي تي پرٽينئڪس جو سِرَ رکي، ان جي نمائش ڪندا ٿي ويا. جيتوٽيڪ تاريخ اسانکي پنهنجو هر اصول ۽ هر جذبو اقتدار جي ظالمانه اُمنگن جي حوالي ڪرڻ سان مانوس ڪري ڇڏيو آهي، پر پوءِ به اِها ڳالهه اعتبار جوڳي نٿي لڳي ته سلپيسٽينَس، ايترين خوفناڪ گهڙين ۾ به تخت تي ويهڻ جي خواهش رکي ها جنهن کي تازو سندس تمام ويجهي عزيز ۽ هڪ عظيم بادشاهه جي رَت سان پليد ڪيو ويو هجي. هن اڳ ۾ ئي هڪ ڪارائتي دليل سان ماڻهن جا خدشا دور ڪرڻ ۽ شاهي وقار جي سلسلي ۾ ڪجهه چَوڻ شروع ڪيو هو پر شاهي محافظ جيڪي وڌيڪ دوراندیش هئا، ۽ کين خدشو هو ته ذاتي وهنوار ۾ هڪ بي بها جنس لاءِ شايد کين مناسب رقم نه ملي سگهندي، تنهنڪري هو باهر دفاعي مورچن جي مٿان چڙهي ويا ۽ وڏي واڪي اعلان ڪيائون ته رومي دنيا جو عام نيلام ڪيو پيو وڃي [10] ۽ اُها ان کي ملندي جيڪو ان جي بهترين ۽ مٿاهين بولي ڏيندو ۽ قيمت ادا ڪندو.

هيءَ بدنام پيشڪش، جيڪا فوجي چُڙواڳيءَ جي بدترين بي ادبي ۽ گستاخيءَ جي زمري ۾ ٿي آئي، هڪ آفاقي غمَ، شرمساري ۽ ناراضگيءَ جي لهرن کي هر طرف پکيڙي ڇڏيو. اها خبر نيٺ ڊائڊيَس جوليئينَس (Didius Julianus) جي ڪنن تائين به وڃي پهتي جيڪو وڏو مالدار سينيٽر هو. ۽ هُو ماڻهن مٿان آيل مصيبتن ۽ تڪليفن کان بخبر ٻڌيو. پنهنجي ٽيبل تي ويٺو مزا ماڻي رهيو هو. [11] سندس زال، سندس ڏيءُ، سندس هڪ آزاد ڪيل ماڻهوءَ ۽ سندس چاپلوسن کيس آساني سان ان ڳالهه تي آماده ڪري ڇڏيو ته هُو تخت جو حقدار هو ۽ کيس منٽون ڪيائون ته اٿي پاڻ پرئي موقعي کي هرگز هٿان نه وڃائي ۽ ڪنهن به صورت ۾ هو اهو مرتبو ضرور ماڻي. هڪ فضول قسر جو پوڙهو ماڻهو تڙتڪڙ ۾ بادشاهي محافظن جي ڪٿمپ ۾ پهتو. جتي سلپيسٽينَس محافظن سان ڳالهين ۾ مصروف هو. ۽ قلعي جي بنيادن وٽ بيهي هن خلاف هولي ڏيڻ شروع ڪيائين. بدناميءَ وارو هي سڄو ڪاروبار وفادار ايلچين جي نظرداريءَ هيٺ هلي رهيو هو جيڪي هر گهڙي هڪ اُميدوار کان ٻي تائين ٿي پهتا ۽ هر هڪ کان سندن مخالف جي پيشڪش يا بولي ڏيڻ بابت پڇا ٿي ڪيائون. سلپيسٽينس اڳ ۾ ئي پنج هزار ڊراچمس (هڪ سؤ سٺ پائونڊن کان مٿي) جي رقم هر هڪ سپاهيءَ کي آڇي چڪو هو: پر جُولين، جيڪو انعام ورهائڻ لاءِ آتو هو، فوري پنهنجي بوليءَ کي مٿي ڪندي ان کي ڇهه هزار به سؤ پنجاهه ڊراچمس يا ٻن سؤ پائونڊن کان به مٿي ڪٽي ويو. بس ديرِ فقط ايتري هئي ۽ ڪٿمپ جا گيٽَ اُنهيءَ گهڙي خريدار لاءِ کلي ويا: ڪيس بادشاهه جو لقب ملي ويو ۽

سپاهين طرفان ساٿس وفاداري جو قسم کنيو ويو ۽ انسانيت جو ڪو ٽمڪندڙ ٽِرورو ايترو وڏن ضرور هيو جو نئين بادشاهه کي چيائون ته هو سلپيسئينس کي معاف ڪري ۽ مقابلي واري مرحلي کي هاڻي وساري ڇڏي.

اهو هاڻي محافظن لاءِ لازمي ٿي پيو ته وِڪري جا شرط پورا ڪن. پنهنجي نئين بادشاهه، جنهن جا هو بظاهر خادم به هٿا ته ڪيس ڏڪارينداً به هيا، پنهنجي صِف جي وچ ۾ ڪيس بيهاريائون، پنهنجن هٿيارن سان ڪيس وڪوڙي ويا ۽ جنگ ۾ رائج طريقي جيان سندس تمام ويجهو هلندي شهر جي ويران رستن ڏانهن وٺي ويا. سينيٽ کي گڏجڻ جو حڪر ڏنائون ۽ پرٽينئڪس جي تمام ويجهن دوستن يا جولين جي ذاتي دشمنن هي موقعو غنيمت سمجهيو ته هن خوشيءَ واري انقلاب [12] جي مسرتن ۽ اطمينان ۾ پاڻ به حصيدار ٿين. جڏهن جولين پنهنجن مسلح سپاهين سميت سينيٽ ۾ اچي ويٺو ۽ هال ماڻهن سان پرجي ويو ته هن پنهنجي اليڪشن جي آزادانه ماحول تي ڳالهايو. پنهنجي سڻي ڪردار بابت ماڻهن کي ٻڌايائين ۽ پنهنجي لاءِ سينيٽ جي چاهه جو يقين ڏياريائين. هڪ چاپلوس اسيمبلي پنهنجي پاڻ کي ۽ ماڻهن کي هن خوشيءَ تي مبارڪون ڏنيون: وفاداريءَ جو قسم کنيو ويو ۽ بادشاهي اختيار جون ڪيتريون ئي شاخون سندس حوالي ڪيون ويون. [13] سينيٽ کان جولين کي ساڳي طرز جي فوجي جلوس ۾ محلات نِيو ويو. جن پهرين شين سندس توجه ڇڪرايو اُهي هيون، پرٽينئڪس جو اڃ دفنايل لاش ۽ ٻيو ته سندس رات جي مانيءَ تي نهايت ئي ڪنجوسي ۽ ڪفايت شعاري ڪئي وئي هئي. پهرئين ڏي ايترو غور نه ڪيائين ۽ هي ڳالهه ڪي نفرت مان ڏنائين، تنهنڪري سندس حڪر تي هڪ زبردست دعوت جو انتظام ڪيو ويو جنهن ۾ هو رات جو دير تائين لطف اندوز ٿيندو رهيو. چَڪي واري راند به کيڏندو رهيو ۽ هڪ نامياري نچڻي پائليبس (Pylades) جو ناچ به ڏسندو رهيو. ان جي باوجود، بعد ۾ هڪ مشاهدو بيان ڪيو ويو ته جڏهن خوشامدين جو هجوم ڪيس اڪيلائيءَ ۾ انڌاري ۾ ڇڏي پنهنجن گهرن ڏانهن واپس هليو ويو ته هو وڏن وِيچارن ۾ گم ٿي ويو ۽ سڄي رات بي آراميءَ ۾ گذاريائين جنهن ۾ گهٽي قدر پنهنجي دماغ ۾ پنهنجي تڪڙ ۾ ٿيل حماقت تي ۽ پنهنجي اڳئين نيڪ سيرت جانشين جي بدقسمتيءَ تي غور سان سوچيندو رهيو: ۽ ساڳي وقت بادشاهت جي مشڪوڪ ۽ خطرناڪ مُدي يا انجام تي به ڏيان ڏيندو رهيو يعني اهو عهدو جيڪو هُن پنهنجي لياقت يا اهليت جي مدار تي نه پر پئسي جي زور تي خريد ڪيو هو. [14]

خطرن کان ڍِڪ جا وٽس سببَ به هيا. دنيا جي تخت تي هن پاڻ کي اڪيلو سمجهيو ڇو ته ان وقت سندس ڪوبه ساٿي يا حال اوريندڙ ڪونه هو. محافظ خود اهڙي شهزادي کي تخت تي ويهاري شرمندا هيا ته دولت جي لالچ سبب هنن کيس قبول ڪيو هو: اهڙو ڪوبه شهري ڪونه هو جنهن کي سندس ترقيءَ تي پنهنجي اندر ۾ سخت بُڇان نه لڳي هجي ۽ هِن ڪَڏي ڪرَ کي روم جي نالي جي آخري ذِلت نه سمجهيو هجي. مٺاهين مرتبي جي ماڻهن پنهنجي اُتاهين حيثيت باعث گهٽي ۾ گهٽو احتياط ڪندي ڪجهه نه ڪڇيو. بلڪ پنهنجا جذبات لڪائي ويا ۽ بادشاهه جي ٻين معززن ۽ معتبر ماڻهن سان مُرڪي ٿي ملیا ته جڏ سڀ ڪجهه نيڪ هو ۽ هر ڪو پنهنجي ڊيوٽي سرانجام ڏئي رهيو هو، ۽ عوام جن کي پنهنجي تعداد ۽ غير اهر هٿ جو وڏي ۾ وڏو تحفظ حاصل هو پنهنجي آزادانه راءِ ۽ خيالن جو اظهار ڪندا رهيا، روم جا رستا، گهٽيون ۽ چوُنڪَ درڊ جي دانهُن ۽ پٽَ پاراتن جي شورَ سان گُونجي رهيا هٿا. ڪاوڙ ۾ تَپيل بيشمار ماڻهن جُولين جي آمهون سامهون ٿي سندس بيعزتي ڪئي، سندس آزاد خياليءَ کي رَد ڪيو ۽ پر

اهو به کين احساس هو ته سندن ناراضگي يا گروڙ شور جو کو نتيجو نه نڪرندو انڪري اُنهن وڏي واڪي سرحدن جي فوجين کي سڏيو ۽ کين طعنا ڏنا ته هو اڳتي اچن ۽ روم جي بادشاهت جي وڃايل وقار کي ٻيهر بحال ڪن.

ماٿهن جي غضب ناڪ ناراضگي مرڪز کان وٺي بادشاهت جي آخري سرحدن تائين ڦهلجي وئي. برطانيه، شام ۽ اليريڪر جي فوجين، پرٽينئڪس جي موت تي بيحد ڏک جو اظهار ڪيو جنهن جي ساڻ ۽ ڪمانَ ۾ هنن ڪيترين ئي جنگين ۾ نه رڳو حصو ورتو هو پر سويون به ماٽيون هيون. جڏهن کين اها ڇرڪائيندڙ خبر پهتي ته محافظن روم جي بادشاهت جو، عام نيلام ذريعي، وڪرو ڪري ڇڏيو هو ته کين جيترو تعجب ٿيو، اوترو ئي کين ڪاوڙ آئي ۽ شايد حسد به ٿيو: تنهنڪري اُنهن ان ذِلت واري سؤدي کي منظور ڪرڻ کان سختيءَ سان انڪار ڪري ڇڏيو. سندن فوري ۽ ڪڌيل بغاوتَ، جولين لاءِ موتمار هٿي پر ساڳي وقت اها امن امان کي قائم رکڻ لاءِ به سخت هاڃيڪار هٿي ڇو ته مختلف فوجن جا جنرلَ - ڪلوڊيس البينَس، پسينيَس نائجر، ۽ سيپٽيميَس سيورَس، قتل ٿيل پرٽينئڪس جي بدلي وڻڻ جي پيتَ ۾ ان جا تخت نشين ٿيڻ لاءِ وڌيڪ آتا هيا. سندن فوجون هڪ جيتري طاقت رکنديون هيون. هر هڪ کي ٽي فوجي دستا مليل هيا، [15] ان کان سواءِ وٽن مددگار فوجين جي پوري ريلَ پريل هٿي: اُهي پنهنجن طور طريقن ۾ مختلف ضرور هيا پر سيئي وڏا تجربيڪار ۽ اهليت رکندڙ سپاهي هيا.

برطانيه جو گورنر، ڪلوڊيَس البينَس، اصل نسل جي مرتبي ۾ پنهنجن ٻنهي ڇٽا پيٽيءَ وارن جنرلن کان گهٽو مٽاهون هو. سندس حسب نسب، روم جي قديمي جمهوريه جي تمام نامياري هستين سان وڄي ٽي مليو. [16] پر جنهن نسل جي جنهن شاخ سان هن پنهنجو رشتو ملايو ٽي، اُها گهٽ رتبي جي ماٽهن ۾ غرق ٿي وئي هٿي، جنهن جا وارث لڏي وڃي هڪ پرانهين پنڊَ جي صوبي جا رهواسي ٿيا هيا. تنهنڪري سندس ڪردار بابت ڪا پڪي راءِ رکڻ ڏاڍو مشڪل ڪر آهي، البت سادگيءَ جي فلسفيانه پردي ۾ رهندي ڪيترين ئي برائين کي لِڪائڻ جا مٽس اهڙا الزام لڳا جن باعث انساني فطرت داغدار ٿي سگهي ٽي. [17] پر مٽس الزام مڙهيندڙ اُهي ويڪائو اديب آهن جيڪي سيورَس جي بختن جي وڌيڪ تعريف ڪندا هٿا ۽ جن هنجي ناڪام دشمن جي خاڪَ جي بيحُرمتي ڪئي هٿي. نيڪي يا نيڪيءَ جي نُماءَ، البينَس کي مارڪس جي ويجهو ڪري ڇڏيو ۽ پهرئين لاءِ پوئين جي اعتماد ۽ سُٹي روَيي کي مضبوط ڪيو: پر البينس جو مارڪس جي پُٺ سان به ساڳي روَيي سان هلڻ جيڪو هنجو سندس پيءُ سان هو، ثابت ٿو ڪري ته هن جو ڪردار ڪافي لچڪيدار هو. ڪنهن به آمرَ جي مهرباني، مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ اهليت يا قابليت جي محتاج هرگز نه هوندي آهي پر هو ڪنهن به ماٽهوءَ کي، جنهن کي به هو چاهي ته انعام اڪرام سان نوازي سگهي ٿو جيڪو سندس نظر ۾ لائق ۽ اهليت رکندڙ هجي يا جنهن کي هو پنهنجي ڏيرتي يا خدمت ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ڪارآمد ۽ موزون سمجهي ٿو. اهو ظاهر نٿو ٿئي ته البينَس، مارڪَس جي پُٺ وٺ، ظلمن جي وزير جي حيثيت ۾ يا سندس عياشين جي هڪ ساڻيءَ جي روپ ۾، نوڪري ڪئي هٿي. هو ان وقت تمام ڀري هڪ باوقار ڪمان ڪري رهيو هو ته بادشاهه طرفان هڪ مخفي خط کيس مليو، جنهن ۾ ڪجهه جنرلن طرفان بادشاهه خلاف غداريءَ جي سازش ٻڌي وئي هٿي ۽ جنهن ۾ کيس اختيار ڏنو ويو هو ته هو پلي پاڻ کي تختَ جو نگهبان ۽ ايندڙ جانشين ظاهر ڪري ۽ سيزر جا لقبَ اختيار ڪري ۽ اُن جا نشان لڳائڻ شروع ڪري. [18] برطانيه جي گورنر وڏي عقلمنديءَ سان اهو خطرناڪ اعزاز

قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو جيڪو ڪيس هڪ حاسد جي روپ ۾ بجڙو ڪري ها يا وري ڪموڊس جي تباهيءَ جي ايندڙ ويجهڙي وقت ۾ ڪيس ڏوهي سمجهيو وڃي ها. هن اختيارن ولڻ ۾ به پنهنجي وقار جو خيال رکيو هو يا هين ڪشش وارن ڪرتبن ذريعي ان کي قائم رکيو هو. وقت کان اڳ، بادشاهه جي موت جي خبر ملڻ تي، هن پنهنجي فوجين کي هڪ جڳهه تي گڏ ڪيو ۽ هڪ اثرائتي تقرير ذريعي آمريت جي يقيني شرارت تي افسوس جو اظهار ڪيو. پنهنجن ابن ڏاڏن جي عظمت، خوشين ۽ شان مان بابت ڳالهيون ڪيائين جيڪي ڪين سفارتي حڪومت ۾ حاصل هيون ۽ پنهنجي پڪي عزم جو اظهار ڪيائين ته هُو سينيٽ کي توڙي عوام جي جائز حقن کي ٻيهر بحال ڪري ڪائنس ڪسيل اختيار قانون ذريعي ڪين موٽرائي ڏيندو. سنڊس جوشيلي ۽ جذباتي تقرير جي جواب ۾ برطانوي فوجين تاڙيون وڄائي ۽ نعرا هڻي ڪيس داد ڏنو. ۽ روم ۾ به ان تقرير جي گونج مخفي طرح سان پهچي وئي جنهن تي ماڻهو اندروني طرح خوش ٿيا. پنهنجي نندڙي دنيا ۾ تمام محفوظ ۽ ان فوج جو ڪمانڊر، جيڪا نظر ۽ ضبط ۾ ته گهٽ پر تعداد ۽ بهادريءَ ۾ [19] وڌيڪ هئي: البينس، ڪموڊس طرفان خطرن جي سلسلي ۾ بهادريءَ واري روَيي کي قائم رکيو: پرٽينئڪس سان پنهنجي رياستي رواداريءَ وارو اَڻ ڇڪتو تعلق رکيو ۽ جولين جي قبضي جي خلاف اعلان ڪرڻ ۾ دير نه ڪيائين. گاديءَ جي هنڌ ۾ جيڪي سياسي لاها چاڙها ڏسڻ ۾ ٿي آيا، اُنهن سنڊس جذبن کي وڌيڪ پختو ڪيو بلڪ ائين ڪٽي چٽجي ته سنڊس حب الوطنيءَ جي جذبن کي اڃا اڃڪتي وڌايو. فضليت ۽ اخلاق کي اختيار ڪندي هن آگسٽس يا بادشاهَ جا مٿاهان لقب اختيار ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ۽ شايد گلبا جي مثال تي هلڻ چاهيو. جنهن اهڙي ئي طرح جي موقعي تي سينيٽ ۽ ماڻهن جو ليفٽيننٽ يا نائب خدمتگار سڏائڻ کي ترجيح ڏني هئي. [20]

پسينيَس نائجر فقط پنهنجي ذاتي اهليت ۽ لياقت سبب، هڪ غير واضح جَڳَ ۽ رتبي کان شام جي حڪومت تائين وڃي پهتو هو جيڪا هڪ ڪمائي واري ۽ اهر جڳهه هئي، جنهن ۾ جڏهن به ڪي شهري مونجهارا يا مشڪلاتون پيدا ٿيندڙ هيون ته سنڊس تخت تي ويهڻ جا امڪان وڌي ويندا هيا. ان جي باوجود، سنڊس ڪارڪردگيءَ موجب هُو پهرئين نمبر جي رتبي جي مقابلي ۾ ٻي نمبر لاءِ وڌيڪ موزون هو: هو هڪ غير برابري ڪندڙ هو. توڙي ڪٽي هو سيورَس جو باڪمال نائب رهيو هجي، جنهن بعد ۾ پنهنجي دماغي قابليت کان ڪم ولندي، پنهنجي فتح ڪيل دشمن کان ڪيترائي اهر ادارا حاصل ڪري ورتا. [21] سنڊس حڪومت ۾، نائجر، سپاهين کان پنهنجي لاءِ احترام ۽ صوبي جي ماڻهن کان محبت حاصل ڪئي، سنڊس سخت نظر ۽ ضبط، بهادريءَ کي وڌيڪ هٿي ڏني ۽ فوجين جي فرمانبرداريءَ کي پختو ڪري ڇڏيو. جڏهن ته عيش پرست شامي (Syrians) سنڊس نرميءَ واري مضبوط رويي ۽ انتظام کان گهٽ پر سنڊس ولندڙ ۽ دوستاڻي اخلاق کان تمام گهڻا خوش هئا ۽ سنڊس خوش رهڻ واري طبيعت کان به مطمئن هئا جو هو اُنهن جي وڏن ميلن ۽ تقريبن ۾ اڪثر ڪري شريڪ ٿيندو رهندو هو. [22]

جيئن ئي پرٽينئڪس جي هيبتناڪ موت جي خبر ائنٽئڪ ۾ پهتي ته ايشيا وارن خواهش ڏيکاري ته نائجر کي تخت تي ويهاريو وڃي جيڪو سنڊس موت جو بدلو ولندو. اوپر جي سرحدن تي مقرر ٿيل فوجين ٻنا دير ان تجويز جي حمايت ڪئي، غير مسلح صوبن کانسواءِ، دولتمند ماڻهن پڻ حبشَ [23] جي سرحدن کان هيڊرئنڪ تائين سَرهائيءَ مان سنڊس اختيارن کي قبول ڪيو ۽ دجلہ کان فرات تائين بادشاهن سنڊس اليڪشن تي ڪيس مبارڪون موڪليون ۽

پنهنجي طرفان احترام جي روپي ۽ خدمتن جي بہ آڇ ڪئي، نائجر جو دماغ، اهڙي اوچتي خوشيءَ جي خبر کي ٻڌڻ ۽ ان کي هضم ڪرڻ لائق هيو ئي ڪونہ: تنهنڪري هن اندر ئي اندر ۾ پاڻ کي خوش ڪرڻ چاهيو تہ سندس تخت تي ويهڻ وقت، ڪيس ڇنا پيٽي ڪندڙن طرفان ڪابہ مخالفت نہ ٿيندي، ۽ ڪنهن شهريءَ جو رَت نہ وهندو: ۽ ڪيس اجائي سوچ تي خوشي تہ هئي پر هن سوچ ماڻڻ جي ذريعن کي صفا نظرانداز ڪري ڇڏيو. اولهہ ۾ مقرر ٿيل طاقتور فوجين سان ڳالهين ذريعي ڪنهن سمجهوتي ڪرڻ جي بجاءِ، جيڪي کو فيصلو ڪري سگهن ها يا مقابلي جي ڊوڙ کي ڪنهن حدتائين اعتدال ۾ رکن ها: بجاءِ اٽلي يا روم ڏانهن بنادير رواني ٿيڻ جي جتي سندس آمد جو شدت سان انتظار ٿي رهيو هو،[24] نائجَر ائٽنٽڪ ۾ ئي رهيو ۽ اُهي انتهائيءَ اهر ۽ اٿموٽ گهڙيون گنوائي ڇڏيائين جن جو فائدو سيورَس جي محنت ۽ نتيجي ڏيندڙ ڦُڙتيءَ ورتو.[25]

پنونيا ۽ ڊالمٽيا جو ملڪ، جيڪو دنيوب ۽ هٻدرئٽڪ جي وچ ۾ آهي، روم جي آخري ۽ تمام مشڪل فتحن منجهان هڪ آهي. هڪ دفعي جڏهن قومي آزادي جي حفاظت ڪرڻ جو وقت اچي ويو تہ ٻ لک بربر ٻاهر ميدانن تي نڪري آيا، جن کي آگسٽَس جي نابوديءَ طرف ويندڙ عمر تي تشويش هئي، ۽ ان وقت کين ٽائبيريَس جي دوراندیشي ۽ خبرداري ڏاڍي ڪر آئي جنهن بادشاهت[26] جي بچاءَ لاءِ وڏي لشڪر جي ڪمانَ ڪئي هئي. پنونيا جي ماڻهن نيٺ روم جي فوجين ۽ ادارن آڏو پنهنجي آڻَ مڃي. سندن تازي محڪومي اختيار ڪرڻ ۾ شايد ڪجهہ پاڙيسرين ۽ اڳ فتح ڪيل ذاتين جي گڏيل ماڻهن ۽ ڪجهہ موسر جو بہ هٿ هجي جن کين موڪو ۽ ڪاهل بنائي ڇڏيو هو ۽ هڪ مشاهدو سامهون آيو تہ مٽين ڳالهين وڏن جسمن پر سُست دماغن کي پيدا ڪيو.[27] بهرحال سيني ڳالهين گڏجي سندن اصلي هيبتناڪ رُوپ جي ڪجهہ آثارن کي بچائي رکڻ ۾ پنهنجو ڪردا ادا ڪيو جن جا مُهانڊا لڳ ڀڳ روم جي صوبائي ماڻهن سان ملندڙ جُلندڙ هٿا، ان هوندي بہ اهڙن سخت جان ماڻهن جي روپ ۽ مُهانڊن کي غور سان پرکڻ ۽ پروڙڻ جي ضرورت هئي. سندن جنگجُو نواجونن، دنيوب جي ڪنارن تي مقرر ٿيل فوجين کي، پرتي ٿيڻ لاءِ بيشمار رنگروٽ مهيا ڪري ڏنا، جيڪي پوءِ، جرمني ۽ سماريٽن جي قومن سان مستقل جنگين ۾ وڙهيا جن کي فوجي نوڪريءَ جي بهترين ويڙهاڪن جو لقب ڏنو ويو.

ان وقت سيپٽيميَس سيورَس پنونيا جي فوج جو ڪمانڊر هيو جيڪو آفريڪا جو رهاڪو هو، جنهن خانگي اعزازن حاصل ڪرڻ وقت. پنهنجي بهادريءَ جي اُمنگن ۽ خواهشن کي لوڪان لڪايو هو ۽ هن سلسلي ۾ نہ تہ خوشين يا عياشين جي ڪشش، خطري جي ڪنهن انديشي يا انسانيت جي جذبن[28] اُن راز کي کولڻ تي آماده ڪري سگهيا هيا ۽ نہ سندس ورتل واتَ تان ڪو ڪيس هٽائي سگهيو هو. پرٽينٽڪس جي قتل جي پهرين خبر ملڻ تي ئي هن پنهنجي فوجين کي گڏ ڪيو ۽ ڪيل ڏوهہ جي هوبهو تصوير پنهنجي زباني کين ٻڌايائين ۽ فوجين کي هٿيار ڪٽڻ ۽ بدلي وٺڻ جو حڪر ڏنائين. هن تقرير ختر ڪئي (سندس آخري لفظ ڏاڍا جوشيلا ۽ جذباتي هئا) ۽ هر سپاهيءَ کي چار سؤ پائونڊ ڏيڻ جو واعدو ڪيائين جيڪا نہ رڳو هڪ مانَ واري رقم هئي پر ان بدنام رشوت کان ٻيٽي هئي جنهن سان جولين بادشاهت کي خريد ڪيو هو.[29] فوجين وڏي واڪي داد ڏيئي سيورَس کي فوجي سلام پيش ڪيو ۽ هڪدم ڪيس آگسٽَس، پرٽينٽڪس ۽ بادشاهہ سلامت جا لقب ڪٽي ڏنائون ۽ نيٺ ڪيس اُهو اُتاهون رُتبو مليو جنهن لاءِ

سندس اهليت جي بنياد تي کيس دعوت ڏني وئي هئي. ۽ ان وچ ۾ کيترن ئي خوابن ۽ وسوسن جي ڊگهي ريلَ الائي کيترو سفر طئي ڪري چڪي هئي جنهن جي موٽ ۾، توڙي وسوسن ذريعي يا سندس پاليسيءَ سبب، نيٽ سندس محنتن جو کيس بهترين نتيجو مليو. [30]

بادشاهت لاءِ نئين اُميدوارَ جائزو ورتو ۽ موقعي جي فائدي کي ڪافي حد تائين پنهنجي حق ۾ بهتر ڪيائين. سندس صوبي جون حدون جولين جبل تائين هيون جنهن ذريعي اٽلي تائين آسانيءَ سان وڃي سگهجي ٿو ۽ کيس آگسٽس جو قول ياد پيو ته "پنونيا جي فوج ڏهن ڏينهن اندر روم ۾ نظر اچي سگهي ٿي." [31] تمام وڏي موقعي جي نزاڪت ۽ اهميت کي محسوس ڪندي هن هر قدم ڪٽ ۾ تيزي ڏيکاري ۽ اُميد رکيائين ته هو پرٽينئڪس جو بدلو وٺندو. جُولين کي سزا ڏيندو ۽ سندن قانوني بادشاهه جي حيثيت ۾ سينيٽ ۽ عوام جي وفاداري حاصل ڪندو: ان کان اڳ جو سندس مقابلو ڪندڙ کي، جيڪي اٽلي کان سمنڊ ۽ زمين جي ڏکين ۽ ڊگهن رستن ذريعي جدا ٿيل هئا، سندس ڪاميابي ۽ اليڪشن جي خبر پوي، سڄي سفر ۾، هن پاڻ کي شايد ئي ڪٽي ٽورو سمهڻ يا کائڻ پيئڻ جي اجازت ڏني هجي، پيرين پيادو ۽ زِرهه پاتل بس هلندو رهيو. پنهنجي اڳين صف ۾، هن پاڻ کي فوجين جي اعتماد ۽ عزت لائق بنايو. سندن محنت تي زور ڏيندو رهيو. سندن حوصلا بلند ڪندو رهيو. هنن جي اُميدن ۾ نئون روح ٽوڪيندو رهيو ۽ ساٺن ڏڪ سفر جي تڪليفن ۾ به خوش هو ڇو ته سندس وفادار سپاهي ساٺس ڏڪ هئا، ٻيو ته سندس نظر ان انعامَ تي هئي جيڪو کيس جلد ملڻ وارو هو.

ويچاري جولين هڪ اُميد رکي هئي ۽ ان جي تياري ۾ ڪئي هئي ته هو شام جي گورنر سان بادشاهت جو مسئلو اُٿارينڊو پر پنونيا جي فوجين جي طاقت ۽ اُنهن جي جلدي پهچڻ سبب، هو پنهنجي يقيني تباهي پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو هو. پيغام رسائيندڙن جي تڪڙي واپسيءَ سندس جائز خدشن کي صحيح ثابت ڪري رهي هئي، کيس هر پيري ٻڌايو ٿي ويو ته سيورَس ائلپس جبل اُڪري چڪو هو. ۽ اٽلي جا شهَر، سندس اڳتي وڌڻ کي يا ته روڪي نه سگهيا هيا يا روڪڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي هيائون. سندس آمد تي اُنهن گرم جوشيءَ مان سندس استقبال ڪيو هو ۽ خوشيون ۽ شادمانا ملهايا هئا. ۽ روينا جهڙو مڪيه شهر ڪنهن به روڪ يا رندڪَ جي اڳ ۾ ئي اچي پيش پير هو ٻيو ته هئبرئنڪ جي سڄي ساموندي پَٽِي به فاتح جي قبضي ۾ هئي، دشمن، روم کان هاڻي فقط اڍائي سؤ ميل پري هو ۽ هر گهڙي، جولين کي مليل ٽوري وقت کي ايڏا وڏيڪ سوڙهو ۽ مختصر ڪندي رهي.

هن هڪ ڪوشش ڪئي ته پنهنجي تباهيءَ کي اول ته روڪي سگهي نه ته گهٽ ۾ گهٽ ان مُدي کي اينگهائي ته سگهي. هن محافظن کي پئسن ذريعي خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، سڄي شهر ۾ اجايون جنگي تياريون شروع ڪرايائين، پرياسي وارن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ نشان لڳرايائين، محلات جي قلعن کي وڏيڪ مضبوط ڪرايائين ۽ سمجهيائين ته اِهي آخري مورچا شايد کين بچائي سگهندا يا هڪ سوياري حملي ڪندڙ جي زور جي ڌڪ جهلي سگهندا. بادشاهي محافظ خوف ۽ شرمَ وچان سندن جهنڊي کي ڇڏي نه نه سگهيا پر اُهي پنونيا جي فوج جي ڏهڪي کان بنهه ڏڪي رهيا هيا جنهن جي ڪمان هڪ تجربيڪار جنرل ڪري رهيو هو ۽ جيڪو برف ۾ جميل دنيوب [32] جي ڪنارن تائين پهچي اڳ ۾ ئي بربرن کي شڪستون ڏيڻ ۾ مهارت حاصل ڪري چڪو هو. اُنهن

تڏو ساهُ پري پنهنجي غسلخانن ۽ تيٽرن جي عياشين کي ڇڏيو ۽ هاڻي فوجي هٿيار پائڻ لڳا جن جو استعمال هنن کڏهڪو وساري ڇڏيو هو ۽ جن جي بار سان هو پنهنجي جسم ۾ تڪليف محسوس ڪرڻ لڳا. غير استعمال ٿيل هاٿين، جن مان ڪين اُميد هئي ته اُنهن خوفناڪ ۽ پوائٽن جانورن کي ڏسندي ئي. مخالفن جي فوج ۾ ياڄَ پُڄي ويندي، اُنلو پنهنجن سوارن کي ئي ڪيرائي پري ڪٽي اڇلايو جو ته مٽن سواري ڪرڻ جو ڏاڻُ ئي ڪين نٽي آيو ۽ پاٿيءَ جي جهازن جو ٻيڙو ايترو ته عجيب طرح جو هو جو ان ته ٻنهه خلقَ کي ڪِلايو ۽ مٽن ٽوڪون ڪيون، ان صورتحال تي سينيٽ اندر ئي اندر ۾ هڪ قابض جي ڪمزورين ۽ سندس موجوده بُري حالت تي خوش ٿي مزا ماڻي رهي هئي. [33]

جولين جو هر قدم سندس خوف ۽ مونجهاري کي وڌيڪ وڌائي رهيو هو. هن زور ڏئي چيو ته سيورَس کي، سينيٽ طرفان قومي دشمن ظاهر ڪيو وڃي. هن منٽون ڪيون ته پنونيا جي جنرل کي پلي بادشاهت جي معاملن ۾ ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان لاڳاپيل رکيو وڃي. هن سفارتي رتبن وارا سفير موڪليا ته وڃي پنهنجي مخالف سان ڳالهيون ڪن، ساڳي وقت هن ڳجهيءَ طرح ڪرايي جا قاتل به موڪلي ڏنا ته وڃي ڪيس موت جو ذائقو چکرائن. گڏوگڏ هن هڪ تجويز ڏني ته نديون ۽ ڪنواريون چوڪريون، ۽ پادرين جا سيٽي فرقا، راهبانه جُبا پائي، روم جي مذهب جو مقدس تسر ڪٽي، هڪ با ادب جلوس جي شڪل اختيار ڪري اڳتي وڌن ۽ پنونيا جي فوجين سان اهڙيءَ طرح وڃي ملاقات ڪن، ۽ ساڳي وقت هن اچائي پڇا ڳاڇا ڪرڻ شروع ڪئي، ڪڏهن تقدير جي ديوين کي پنهنجي مقدر بابت ٻاڌائي رهيو هو ته ڪڏهن وري جادو جي ڪرتبن ذريعي مصيبت ٽارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ته ڪڏهن وري غيرقانوني قربانين [34] جا صدقا ڏي ڪڍيائين.

سيورَس نه ته سندن فوجين کان خوفزده هو ۽ نه وري من موهيندڙ ڪشش ڪيس متاثر ڪيو هو، ڪيس جيڪڏهن کو خطرو هو ته فقط اهو ته مبادا جيڪي ڇهَ سؤ ساٿي هن ڇُونڊي پاڻ سان گڏ ڪنيا هيا، اُنهن منجهان کو سندس خلاف ڳجهي سازش ۾ شامل نه ٿي وڃي، تنڪي جو اُنهن مان ڏينهن جو تنڪي رات جي پوري سفر ۾ ڪنهن به هن کي اڪيلو نه ڇڏيو هو ۽ سندس سيني تنڪي پُٺِ کي لوهين پليٽن ذريعي ڪنهن به امڪاني حملي کان محفوظ ڪري رکيو هو. لڳاتار تيزيءَ سان سفر ڪندي هو اپينن (Appennine) جي خراب علائقي مان گذريو، اُتي ڪجهه فوجي ۽ سفير اچي ساٿن مليا جن جو مقصد فقط سندن قافلي جي تڪڙي رفتار کي روڪڻ جو هو، تنوري دير لاءِ هو انٽرامنا (Interamna) وٽ ترسيا، هي هنڌ روم کان لڳ ڀڳ ستر ميلن جي مفاصلي تي هو. سندس فتح اڳ ۾ ئي يقيني ٿي چڪي هئي، پر بادشاهي محافظن طرفان ڪنهن به مخالفت يا مقابلي ڪرڻ تي رتو ڇاڻ ٿي سگهي ٿي، پر سيورَس جي اِها يقيني خواهش هئي ته هو ميارُ مان ترار ڪيڻ کان سواءِ وڃي تخت تي ويهندو. [35] سندس ايلچين گاديءَ جي هنڌ ۾ پهچڻ شرط ئي پنهنجون صلاحيتون استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون ۽ محافظن کي يقين ڏياريائون ته، جيڪڏهن اُنهن پنهنجي نالائق شهزادي ۽ پرٽينئڪس جي قاتلن جي حمايت ڪرڻ ڇڏي ڏني ۽ اُنهن کي فاتح جي انصاف جي حوالي ڪري ڇڏيو ته پوءِ هُو ان ڏوڪريندو واقعي ۾ سيني کي شامل نه سمجهندو. بي ايمان ۽ وقت جي پوڄاري محافظن، جن پنهنجي سڪٽي ضِد سبب نالي ماتر مُهاڏو اڪايو هو، فاتح طرفان آسان شرطَ ٻڌي خوش ٿيا، قاتلن جي رهڻ ۽ لِکڻ وارين ڪيترين ئي جڳهن تي قبضو ڪيائون ۽ سينيٽ تي واضح ڪيائون ته هو

هاڻي جولين جي حمايت نٿا ڪن. ڪائونسل طرفان اسيمبليءَ جو اجلاس سڏرايو ويو جنهن ۾ يڪراءِ سيورَس کي قانوني بادشاهه طور قبول ڪيو ويو. پرٽينئڪس کي خدائي اعزاز ڏنا ويا ۽ سندس بدقسمت جانشين کي هٽائڻ ۽ ڪيس موت جي سزا ٻڌائي وئي. جولين کي محلات جي غسلخانن واري خانگي جڳهه تي زيو ويو جتي سندس سِرُ ڏَڙ کان ڌار ڪيو ويو. جيڪا هڪ عام ڏوهارين جي سزا هوندي آهي. وري ياد ڏيارجي ته هن وڏو خزانو لُٽائي بادشاهت کي خريد ڪيو هو جتي هن چاهڻ ڏينهَن [36] واري بيچيني ۽ ذهني عذاب واري حڪومت ڪئي. سيورَس جي اعتبار ۾ نه ايندڙ مُهر ۽ سفر جنهن تمام گوري وقت ۾ دنيوب جي ڪنارن کان وٺي تائيبر تائين هيڏي ساري فوج جي لشڪر جي اڳواڻي ڪئي، ان مان ان ڳالهه جو به ثبوت ملي ٿو ته وٽن ڪائڻ پيئڻ جو ڪيترو سامان هوندو جيڪو ظاهر آهي ته زراعت ۽ وٽج واپار مان وٽن آيو هوندو. رستن جي بهتري ۽ فوج جو نظر ۽ ضبط ۽ صوبن جي ڪاهلي ۽ ڪمزوريءَ جي به ساڳي وقت سُڌ ملي ٿي. [37]

سيورَس جو پهريون ڏيان فقط هن ڳالهين ڏانهن ويو. هڪ ۾ حڪومتي پاليسي جو دخل هو ته ٻي ۾ سندس سُلجهاڻيءَ جو. يعني انتقام ۽ اعزاز جيڪو پرٽينئڪس جو مٽن قرض هو. روم ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي نئين بادشاهه، محافظن کي حڪم جاري ڪيو ته هو شهر جي ويجهو ٻاهرئين ميدان تي، بغير هٿيارن جي، سندس آمد جو انتظار ڪن. پر اهو ٽماڻ هڪ تقريبَ وارو هجي جنهن جي بندوبست ڪرڻ جا هو اڳ ۾ ئي ماهر هٿ ۽ جيئن هو پنهنجن اڳين بادشاهن جي سلسلي ۾ ڪندا هٿا. سندس حڪمن جي فوري بجا آوري اُنهن هٿيلن فوجين طرفان به ٿي جيڪي پنهنجن ڪيل گناهن تي شرمسار به هٿا ته خوف واري ڪنبٽي به ڪين وٺي وئي هئي. پنهنجا نيزا سِڌا ڪري اِيرين فوج جي چوندڙيل جوانن ڪين چوڌ طرف گهيري ۾ آڻي ڇڏيو. نه هو پڇي ٿي سگهيا ۽ نه وري مقابلي ڪرڻ جهڙا هٿا. هنن پنهنجي مقدر جي فيصلي کي خاموش غم ۽ مونجهاري جي نظرن سان ٿي ڏٺو. سيورَس عدالتي انصاف جي ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو. سندن دوکي ۽ بزدليءَ جي نِيچ پٽي تي ڪين ذليل ڪيائين. اُنهن اعتماد وارن عهدن تان ڪين بجرو ڪري ڪڍي ڇڏيائين جن سان اُنهن ويساهه ڪاتي ڪئي هئي، ڪين ڳهَن زيورن کان به محروم ڪيائين ۽ موت جهڙي تڪليف ڏيندي ڪين گاديءَ جي هنڌَ کان سوَ ميل پري تڙي ڪڍيائين. هنن حڪمن ۾ هڪ الڳ لشڪر موڪلڻ به شامل هو جنهن سندن هٿيار ڪائڻ وٺي پنهنجي قبضي ۾ ڪيا، سندن ڪئمپ تي قبضو ڪيو ۽ سندن نااُميديءَ واري حالت ۾ ڪنهن به اُبهري قدم کڻڻ کان روڪيائون. [38]

پرٽينئڪس کي پورن اعزازن سان هڪ مانَ واري تقريب ذريعي ۽ ڏڪ واري تقدس سان دفنايوويو. [39] سينيٽ به ڏڪ واري اطمينان سان هڪ بي بها ۽ لاجواب شهزادي جون آخري رسمون ادا ڪيون جن سان ڪيس محبت هئي ۽ جنهن جي لاءِ اجا به ڪين ڏڪ هيو. پر سندس جانشين (يعني جولين) جي ڏڪ ۾ ڪو به خلوص نه هو. هو پرٽينئڪس جي خوبين کي مان ڏيندو هيو پر اُهي خوبيون ۽ خاصيتون، سندس خواهشن کي هميشه لاءِ هڪ خانگي رتبي ماڻڻ تائين محدود ڪري ڇڏين ها. دفن جي رسم جي موقعي تي سيورَس وڏي فصاحت ۽ بلاغت سان تقرير ڪئي، جنهن ۾ ڪيس اندروني طرح ته اطمينان هو پر ظاهري طرح غم جو مظاهرو هو. ۽ سندس مقدس ياد تي عقيدت جا گُل نڇاور ڪندي، سادڻ ماڻهن جي وڏي ميڙ کي يقين ڏياريائين ته فقط سندس ذات اهڙي هئي جيڪا اهڙي عظيم انسان جو

خال پري سگهي ٿي، جيئن ته بيحد عقلمند هو ته سمجهيائين ته ميڙن ۽ جلسن ذريعي نه پر هٿيارن ذريعي ئي هو بادشاهت تي پنهنجي دعويٰ جو سِڪو ڇمائي سگهي ٿو. تنهنڪري مهيني کان پوءِ روم مان هليو ويو ۽ پنهنجي تازي فتح کان نه ته ڦوندجي ويو نه وري ان جي خوشين ۾ مگن ٿي ويو پر پنهنجن ٻين خطرناڪ مخالفن سان مقابلي جي تيارين ۾ مصروف ٿي ويو.

سيورَس جي نمايان قابليت ۽ بخت جي ٻيڙ هڪ تاريخ دان کي ان ڳالهه تي آماده ڪيو ته ڪيس پهريَن ۽ وڏي ۾ وڏن سيزرس سان سندس پيٽ ڪري.[40] اها هڪ جهڙائي نا مناسب آهي. اسان کي سيورَس جي ڪردار ۾، روحاني بلنديءَ جو تقدس، معاف ڪري ڇڏڻ جي وڏائي ۽ مختلف ذهانتن جون اوچايون جيڪي، خوشين لاءِ پيار، علم ۽ ڄاڻ لاءِ اُڃ ۽ جذبن ۽ اُمنگن جي طلب ۽ تانگهه ۾ اعتدال پيدا ڪري ۽ اُنهن کي ملائي هڪ ڪري ڇڏين، ڪٽي ٿي ملي؟[41] هڪڙي مثال ۾ شايد اُنهن جِي معقول طريقي سان پيٽ ڪري سگهجي ٿي ۽ اُها آهي سندن اڳتي وڌڻ، فيصلن جي تيزي ۽ سندن شهري سويون جن ۾ ٻئي هڪ جهڙا ٿي سگهن ٿا. ڇٽن سالن کان گهٽ وقت ۾[42] سيورَس اوير جي دولت کي پنهنجي هٿ ڪيو ۽ اولهه جي بهادريءَ کي پنهنجي تابع بڻايو. هُن ٻن للڪارينڙن کي، جن جو وڏو نالو ۽ دٻدٻو هو، شڪست ڏني ۽ ڪيترين ئي اهڙين فوجين کي شڪستون ڏنائين جن وٽ اوترائي هٿيار ۽ اوتروئي نظم ۽ ضبط هو، جيترو ۽ جيڪو پاڻ هن وٽ هو. اُن دوُر ۾ حفاظت لاءِ قلعا ناهڻ ۽ ٻيون فوجي مشڪون اهڙيون هيون جن جي رومي جنرلن کي چگيءَ طرح ڄاڻ هئي، پر سيورَس جي لڳاتار برتري فقط سندس فنڪاريءَ وارين صلاحيتن سبب هئي جو هو ساڳيا ساز (هٿيار) وري وري ۽ صحيح طرح سان استعمال ڪرڻ جو فن، پنهنجن مخالفن جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڄاڻندو هو. مون کي، بهرحال، فوجي هٿيارن جو تفصيلي جائزو وٺڻو ناهي، پر جيئن ته نائجر ۽ اَلبينَس جي خلاف ٻه خانه جنگيون، طرز، موقعي ۽ نتيجن جي لحاظ سان صفا هڪ جهڙيون هيون، ته مان اوهانجو توجه فقط هڪ نقطي تي ڇڪرائيندس ۽ اُهو نقطو انهن تمام اهر حالتن جو آهي جنهن ۾ آئون فاتحَ جي ڪردار کي اڳتي وڌائڻ ۽ واضح ڪرڻ جي سلسلي ۾ ۽ ڪجهه بادشاهت بابت اوهان کي ٻڌائيندس.

ڪوڙ ۽ دوکيبازي، قومي ڏيتي ليتيءَ جي وقار لاءِ پلي ناموزون ۽ نامناسب سهي، پر ذلت ۽ ڪمينگيءَ ۾ اُها اسانکي ان حد تائين محسوس نه ٿي ٿئي جيتري خانگي زندگيءَ جي وهنوار ۾ لڳي ٿي. پوئين ۾ همت جي ڪهٽتائي نظر اچي ٿي جڏهن ته ٻين طريقن ۾ اختيارن جو نقص نمايان آهي، ۽ جيئن ته اهو وڏن مدبرن لاءِ به ممڪن ڪونهي ته لکين دوستن يا دشمنن کي پنهنجي ذاتي طاقت جي زور تي پنهنجي تابع بنائي سگهن، پر لڳي ٿو ته دنيا، پاليسيءَ جي نالي ۾، ماڻهن سان سندن مڪر ۽ فريب تي به فراخ دليءَ سان احسانَ ڪيا آهن. ان هوندي به سيورَس جي ڪرتبن ۽ تمام گهڻين اضافي رعايتن کي، رياست طرفان ڏنل دليلن ذريعي به ان جو بچاءُ نٿو ڪري سگهجي. هن واعدا فقط وفا نه ڪرڻ لاءِ ڪيا، هن خوشامد ڪئي ته ٻين کي تباهه ڪري، ۽ پلي ڪن ڳالهين ۾ تسر ڪٽي يا سمجهوتن ذريعي هن پاڻ کي پابند ڪيو هجي پر سندس ضمير جيڪو سندس دلچسپين جو خوشامدي غلام رهيو آهي، اهڙين پابندين کي ختر ڪرڻ ۾ ئي ڪيس سڪون ۽ قرار نصيب ٿيو هوندو.[43]

جيڪڏهن سنڊس ۽ للڪاريندڙ، سنڊس گڏيل دشمن جي خوف کان کو سمجهوتو ڪري، اڳتي وڌي ۽ بنا دير وڃي مٿس ڪڙڪن ها، ته شايد سيورَس سنڊن گڏيل طاقت آڏو نه بيهي سگهي ها. پر جيڪڏهن هو پنهنجن جدا جدا نظرين ۽ فوجين سان پي، هڪ ئي وقت مٿس حملو ڪن ها، ته ان صورت ۾ پي مقابلو ڪافي دير تائين نه هلي ها ۽ شڪ وارو نه لڳي ها ته الائي ڪنهن جي حق ۾ ويندو. پر اُهي اڪيلا اڪيلا ئي وڙهيا ۽ لڳاتار شڪستون کائيندا رهيا ۽ اهڙيءَ طرح اُهي سنڊن دشمن جي فوجي هنرن ۽ ماهرانه ڪرتبن جو شڪار ٿيندا رهيا جو ته سنڊن دشمن فوجي تجربي ۽ مهارت ذريعي بلڪل محفوظ هو ۽ ڪنهن به ڪر ڪي تيزيءَ سان ڪرڻ ۾ يقين رکندو هو. هن پهريون نائجر تي ڪاهه ڪئي، جنهن جي شهرت ۽ طاقت کان هو ڪافي ڊنل به هو. پر سنڊس خلاف ڪنهن به دشمنيءَ جي منصوبي کان هن انڪار ڪيو. پنهنجي مخالف جي نالي کي به ڏهائي ۽ ظاهر ڪرڻ نه ڏنائين ۽ سينيٽ ۽ ماڻهن کي فقط ايترو ٻڌايائين ته سنڊس اِرادو فقط اوپر وارن صوبن کي ڪنهن تنظيم يا سرشتي هيٺ آڻڻ جو هو. خانگي طرح هن ماڻهن کي ٻڌايو ته نائجر سنڊس دوست ۽ شايد ايندڙ جانشين [44] به هو.جنهن لاءِ سنڊس دل ۾ ڪافي عزت ۽ احترام هو ۽ سنڊس ان تجويز جي حمايت به ڪري چڪو هو ۽ ڪيس داد ۾ ڏنو هئائين ته هو پرٽينئڪس جي قتل جي بدلي وڻڻ جو عزم ڪري چڪو هو. تخت جي هڪ نالائق ۽ گندي قابضَ کان بدلو وڻڻ هر رومي جنرل جي ڊيوٽي هئي. پر سدائين هٿيار کڻڻ ۽ هڪ قانوني بادشاهه جي مخالفت ڪرڻ جنهن لاءِ سينيٽ به منظوري ڏئي چڪي هجي ته اهڙي شخص کي يقيني طور تي مجرم ئي سڏيو ويندو. [45] نائجر جا پُٽ، صوبائي گورنرن جي ٻارن سان گڏ، سنڊس قبضي ۾ اچي ويا هيا، جنڪي روم ۾ يرغمال بنايو ويو هو ته هو پنهنجي والدين جي وفادارين جو ڪين يقين ڏيارين. [46] جيئن ته نائجر جي طاقت جو ماڻهن ۾ خوف يا عزت هئي، سنڊس ٻارن کي نازڪ نموني سان سيورَس جي ٻارن سان گڏ پڙهايو ويو هو، پر اُهي پنهنجي پيءُ جي برباديءَ جو ڪارڻ بڻجي ويا، جنڪي پهريون ته ملڪ بدر ڪيو ويو ۽ پوءِ ماڻهن جي رحم جي توجه کان لڪائي، ڪين مارايو ويو. [47]

جڏهن سيورَس پنهنجي اوپر واري جنگ ۾ مصروف هو ته سنڊس اهي خدشا وَزندار هئا ته جڏهن برطانيه جو گورنر، سمنڊ ۽ ائلپس جبل مان گذرندو ته مبادا هو بادشاهت جي خالي پيل جڳهه کي والاري ويهي رهي ۽ سنڊس واپسيءَ کي، سينيٽ جي اختيار ۽ اولهه جي فوجين جي طاقت ذريعي روڪي ڇڏي، البينَس طرفان بادشاهه جي لقب اختيار نه ڪرڻ جي اَڻ چٽي روَيي سبب، ڳالهه هولهه لاءِ ڪجهه گنجائش باقي موجود هئي. فورن پنهنجن حب الوطني جي جذبن کي وساريندي ۽ اقتدار جي طاقت جي خيال کي ترڪ ڪندي، هن سيزر جهڙو غير يقيني لقب اختيار ڪيو جيڪو سنڊس خطرناڪ غير جانبداريءَ جو انعام هو. جيستائين مقابلي جو ڪو فيصلو ٿئي، سيورَس، جنهن ماڻهوءَ جي تباهيءَ جا انتظام ڪري چڪو هو، تنهن کي بظاهر پوري عزت ۽ احترام سان پيش آيو. ان خط ۾ به جنهن ۾ هن نائجر تي پنهنجي سوپ جو اعلان ڪيو هو، هو البينَس کي پنهنجي بادشاهت جو تورِي پنهنجو روحاني پاءُ ڪوئي ۽ پنهنجي زال جُوليا ۽ سڄي ڪٽنب جا ڪيس سلام ڪو موڪلي، ڪيس مِنت ڪو ڪري ته هو پلي پنهنجي فوج ۽ جمهوريه کي قائم رکي چو ته اِهو قدم سنڊن گڏيل فائدي وارو هو. پيغام رسائيندڙ جيڪي خط ڪٽي ويا هيا، ڪين هدايت مليل هئي ته عزت سان اڳتي وڌي سيزر جو استقبال ڪن، ساٿس اڪيلائيءَ ۾ ملڻ جي درخواست ڪن، ۽

جڏهن هو اڪيلو ٿي ساڻن ملي ته بنادير جي سندس دل ۾ خنجر ڪُپائي ڪيس ختم ڪري ڇڏين.[48] سازش ظاهر ٿي پئي پر تمام معصوم طبيعت رکندڙ البينس نيٺ ان مقرر ڪيل هنڌ تان گذريو ۽ پنهنجي غير برابر دشمن سان مقابلي جي تيارين ۾ هو ته مٿانئس حملو ٿي ويو ۽ سندس للڪارينڊڙ مٿس سوپ ماٿي ورتي.

سيورَس جون فوجي محنتون، سندس فتحن جي اهميت جي مقابلي ۾ گهٽ آهن. هن موقعن، هڪ هيليسپانٽ جي ويجهو ۽ ٻيو سيلشيا جي سوڙهي ماڙيءَ وٽ، سندس شام واري چٽاپيٽي ڪندڙ جي تسمت جو فيصلو ڪري ڇڏيو ۽ يورپ جي فوجين، ايشيا[49] جي مقامي نا اهل ماڻهن تي پنهنجي برتري قائم ڪري ورتي، ليونس جي جنگ ٻه، جنهن ۾ ڏيڊ لکَ رومين[50] حصو ورتو. اَلبينَس لاءِ موتمار ثابت ٿي. برطانيه جي فوج جي بهادري، الِيرين فوجين جي سخت نظم ۽ ضبط جي مقابلي ۾ ڇڻ قدري ڪمزور ۽ مشڪوڪ لڳي رهي هئي. پر اوچتو ئي اوچتو سيورَس پنهنجي زبردست شهرت جي ساڻ سميت ظاهر ٿيو ۽ پنهنجي حوصلي هاريل ۽ ذري گهٽ بيهوش ٿيندڙ فوجين ۾ ٻيهر جرئت ۽ بهادريءَ جو روُح ٽوڪيائين ۽ نيٺ زبردست سوٽَ جو تحفو ڏيئي کين خوش ڪيائين.[51] ان يادگار ڏينهن تي جنگ بلڪل ختم ٿي وئي.

جديد يورپ جون خانه جنگيون فقط سندن خوفناڪ بغض ۽ ڪدورتن جي ڪري نمايان نه آهن پر مقابلي وارين ڏرين جي هڪ جيتري ثابت قدميءَ جي هوڙَ ۽ چٽا پيٽيءَ جو ان ۾ وڏو هٿ آهي. اُنهن مقابلن کي هر هڪ ڏُرِ ڪنهن نه ڪنهن اصول ذريعي جائز ڄاڻايو آهي، يا گهٽ ۾ گهٽ ان کي ڪو نه ڪو بهانو جيئن مذهب، آزادي ۽ وفاداريءَ جو رنگ ڏنو آهي. جيڪي اڳواڻ هٿا اُهي پنهنجي ملڪيت جا مالڪ ۽ وڏا اميرَ هٿا ۽ پنهنجو موروثي اثر پڻ رکندا هٿا. فوجون وڙهنديون هيون ته جيئن لوائيءَ يا جهڳڙي جو ڪو فيصلو ٿئي، ۽ جيئن مليٽري جذبو ۽ پارٽيءَ جو جوش زبردست طريقي سان پوري برداريءَ ۾ ڦهلجي ويندو هو ته هارايل سردار يا منهندار کي فورن ٻيا ويڙهاڪ ڏنا ويندا هٿا ته جيئن ساڳي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ پلي پنهنجو وڌيڪ رَت وهائن. پر رومين، جمهوريه جي زوال کانپوءِ، فقط پنهنجن صحيح مالڪن جي چُونڊ ڪرڻ لاءِ مقابلا ٿي ڪيا. بادشاهت لاءِ صحيح اُميداور جي تلاش جي جهنڊي هيٺ، ڪجهه ماڻهن محبت جي جذبي ۾ پنهنجو نالو لکرايو. ڪن خوف کان، ڪيترن وري دلچسپيءَ منجهان، پر اصولن تي هلڻ لاءِ ڪنهن به ماڻهوءَ پنهنجو نالو درج نه ڪرايو. فوجين وٽ هاڻي پارٽيءَ جو جذبو ڏڙو ٿي ڇڪو هو تنهنڪري سڀي رڪنَ ۽ وڏن واعدن جي ڪشش کين خانه جنگيءَ ۾ شامل ڪرڻ تي مجبور ڪيو. هڪ شڪستَ اڃڻ کان پوءِ، جنهن ۾ مُنهندار کي سندس ذميدارين نباهڻ کان آجو يا نا اهل بنايو ويو هجي، ڪرايي جي فوجين جي وفاداري ختم ٿي وئي ۽ کين پنهنجي سلامتيءَ جو هاڻي فڪر لڳي ويو ۽ اهو تحفظ فقط فضول مقصد کي ڇڏي ڏيڻ سان ئي ملي سگهيو ٿي، صوبن جي صحتَ تي ان ڳالهه جو ڪو به اثر نٿي ٿيو ته سندن ٿي نالي ۾ ماڻهن کي تڪليفون پهتيون يا مٽن حڪومتون کيون ويون. اُنهن کي فقط هاڻي موجوده زور ۽ طاقت جو اونو هو. ۽ جيئن ئي ان طاقت جي نتيجي ۾ ڪا ايا به مٿاهين طاقت وجود ۾ اچي وئي ته بنا دير هُو فاتح وٽ پهچي رحم جي التجا وجي ڪندا هٿا، جيڪو جيئن ڇڻ کيس ڪو وڏو قرض لاهڻو هجي، سندن فوجين جي حرص سبب، ڪيترن ئي قصوروار ملڪن جي قرباني ڏئي ڇڏيندو هو. روم جي بادشاهت جي وسيع سرحدن ۾، ٽورڙا ئي اهڙا قلعن وارا شهر هٿا جيڪي

شايد هڪ پاڇوڪڙ فوج جو بچاءُ ڪري سگهندا هئا، نہ وري ڪو ماڻهو، ڪٽنب يا ماڻهن جو اهڙو سلسلو هو، جنهن جي قدرتي صلاحيت، جنهن کي حڪومت جي پنيرائي ۽ حاصل نہ هجي، ٻڌندڙ پارٽي [52] جي مقصد کي ٻيهر جياري ۽ ان کي توانائي ڏئي سگهي.

بهرحال، نائجر ۽ سيورَس جي مقابلي ۾، هڪڙو شهر اهڙو آهي جنهن کي عزت سان ٻين کان جدا ڪڍائي سگهجي ٿو. جيئن بازنطين (Byzantium) يورپ کان ايشيا ۾ داخل ٿيڻ جي وڌي ۾ وڏن گذر گاهن منجهان هڪڙو هو تہ ان کي هڪ تمام مضبوط فوجي قلعو اڏي ڏنو ويو هو ۽ ان جي بندر تي پنج سؤ ساموندي جهازن جو ٻيڙو ٻہ هر وقت لنگرانداز هوندو هو. [53] سيورَس جي اُبهرائيءَ، بچاءَ جي هن دوراندیشي واري رِتَ کي ناڪام بنائي ڇڏيو. هن بازنطين جي گهيري جي ذميواري پنهنجن جنرلن جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ هيليسپانٽ جي لنگهہ تي وڌيڪ ڏيان ڏنائين، جنهن جو بچاءَ ڪجهہ ڪمزور هو ۽ پنهنجي نِيچ دشمن جي خوف کان بي صبرو ٿيندي اڳتي وڃي ڪيس للڪاريائين: بازنطين جنهن تي فوجين جي تمام وڏي تعداد حملو ڪيو هو ۽ بعد ۾ سڃي بادشاهت جي ساموندي طاقت ٻہ مٿس وڃي ڪڙڪي هئي، پورن ٽن سالن تائين پنهنجي گهيري کي ڪامياب ٿيڻ نہ ڏنائين ۽ پوريءَ طرح نائجر جي نالي ۽ ياد سان وفادار رهيو. شهري تورِي سپاهي (اها خبر نٿي پوي تہ ڪهڙي مقصد سبب) پوري جوش ۽ ڪاوڙ ۾ هٿا ۽ نائجر جا ڪيترائي وڏا آفيسر جيڪي هڪ معافي کان يا تہ نااُميد ٿي پيا تہ ان لفظ کان ڪين نفرت پيدا ٿي، بهرحال هنن پاڻ کي هن آخري سهاري جي حوالي ڪري ڇڏيو. قلعا ۽ حفاظتون هر طرف کان محفوظ هيون ۽ ان جڳهہ جي بچاءَ لاءِ هڪ ماهر انجينئر اهڙي تہ مشيني سائنس جو استعمال ڪيو جنهن جي ڪجهہ خبر شايد قديمي ماڻهن کي هجي. [54] بازنطين، آخرڪار ڏُکَر جي آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا. مٿجسٽريٽن ۽ سپاهين جا سِرَ قلم ڪيا ويا، ديوارون ڍاهيون ويون، سندن حق دٻايا ويا ۽ مشرق جي ايندڙ وقت جي گاديءَ جو هنڌ هڪ ڪليل ڳوٺ وانگر پٺي لڳو ۽ پيرنٿس * (Perinthus) جي انتهائي بيعزتي جي روَيي ۽ بي رحميءَ جي ورتاءَ هيٺ رهيو. تاريخدان ڍائن جنهن بازنطين جي شادابين جي تعريف ڪئي هئي پر هاڻي سندس بربادیءَ تي ڏاڍي مايوسيءَ جو اظهار ڪيو. سيورَس تي الزام هنيو تہ هن بدلي وڃڻ جي انڊي جنونَ ۾ پونٽس ۽ ايشيا جي بربرن جي حملن خلاف هڪ انتهائي مضبوط قلعي کان روم جي ماڻهن کي محروم ڪري ڇڏيو هو. [55] هن مشاهدي جي سچائي ايندڙ وقت ۾ بلڪل جائز ۽ صحيح ثابت ٿي جڏهن گاٿن جا ساموندي جهاڻ ايگزين سمنڊ مان ٿيندي، غير محفوظ باسفورس مان گذرندي، بحيرہ روم جي وچ ۾ داخل ٿيا.

نائجر ۽ البينس ٻنهي کي ڳولي ان وقت ماريو ويو جڏهن هو ٻئي جنگ جي ميدان ۾ شڪست اچڻ کان پوءِ پڇي رهيا هيا. سندن موت تي نہ ڪنهن کي تعجب ٿيو نہ وري اُنهن لاءِ رحم جو جذبو ڪٽي ڏنو ويو. اُنهن بادشاهت کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي زندگيءَ کي خطرن جي حوالي ڪيو هو ۽ پاڻ اُهو ڪجهہ پوڳيائون جيڪو هو ٻين کان پوڳائڻين ها. نہ وري سيورَس پنهنجي لاءِ غرور واري مٿاهين درجي جي دعويٰ ڪندي پنهنجي مخالفن کي زنده رکي اذيتون ڏيڻ جو سوچيو هو. پر ڪنهن کي بہ معاف نہ ڪرڻ جي طبيعت، جنهن کي سندس اقتدار جي هوَسَ اڃا وڌيڪ هٿي ڏني هئي، فقط انتقام وڃڻ طرف مائل ٿي وئي هئي جنهن ۾ ڪنهن بہ شڪ جي گنجائش باقي نہ رهي هئي، صوبن جا تمام اهر ماڻهو جن پاڻ واري اُميدوار سان نفرت ڪرڻ بغير جيڪڏهن صوبي جي گورنر جي حڪمن کي

مجيو هو جنهن هيٺ اتفاق سان هو رهندا هيا يا ڪر ڪندا هئا، تہ اُنهن کي بہ موت جي سزا ڏني وئي يا ڪين ملڪ نيڪالي ڏئي ۽ اُنهن جون سموريون ملڪيتون ضبط ڪيون ويون. اوپر جي ڪيترن ئي شهرن جا قديمي اعزاز ڪانئن ڪسيا ويا ۽ ڪين مجبور ڪيو ويو تہ جيترا پئسا هُو نائجر جون خدمتون ڪندي [56] ڪيس ڏيندا هئا، اُنهن کان چَوڻ تي يا چار پيرا وڌيڪ پئسا هاڻي هو سيورَس جي خزاني ۾ جمع ڪرائيندا رهندا.

جنگ جي آخري فيصلي تائين، سيورَس جي ظلمن کي، هڪ مشڪوڪ واقعي سبب ڪجھ لغام ڏنو ويو جو هن سينيٽ جي احترام ڪرڻ جو ڍوُنگ رچايو هو. البينَس جي ٻرَ سان هڪ خطرائتو خط شامل هو جنهن ۾ هن رومي ماڻهن تي واضح ڪيو تہ هن پڪو عزم ڪيو هو تہ هو سندس للڪاريندڙن جي ڪنهن بہ ساڻي، سنگتي يا همدردي رکندڙن کي زندھ نہ ڇڏيندو. هو ان صحيح ڳالھ کان سخت ڇڙيل هو تہ هن جي دل ۾ سينيٽ لاءِ ڪڍھن بہ عزت ڪانہ رهي هئي انڪري تازو ظاهر ٿيل غداريءَ جي خطن ۽ ٻي مواد جي خطري کان هن پنهنجي بغض ۽ ڪيني کي عارضي طور لڪائي ڇڏيو هو تہ مٽس بہ ڪو اهڙو الزام نہ اڇي وڃي. پنجٽيهَن سينيٽرن، جن تي البينَس جي پارٽي سان وفاداريءَ جو الزام هو، کي هن آزاديءَ سان معاف ڪري ڇڏيو. ۽، سندس پوءِ واري روَيي مان بہ هن ڪوشش ڪري ڪين مطمئن ڪيو تہ هن کين معاف بہ ڪري ڇڏيو هو تہ سندن اڳين ڏوهن کي بہ وساري ڇڏيو هو. پر، ساڳي وقت هن ٻين ايڪيتاليهن [57] سينيٽرن جي مذمت ڪئي هئي ۽ اُنهن تي ٽيل ظلر تاريخ جي صفحن تي درج ٽيل آهي تہ ڪينئن نہ سندن زالن، ٻارن ۽ دوستن کين موتَ جي نند ۾ سُتل وڃي ڏٺو هو. ۽ اسپين ۽ گال جي صوبائي معتبرن کي بہ ساڳيءَ طرح تباهہ ڪيو ويو. اهڙو سخت انصاف، جيئن هن پنهنجي ظلر کي اهو نالو ڏنو، سيورَس جي نظر ۾ عوام ۾ اَمن قائر ڪرڻ جو واحد ذريعو هو تہ بادشاهہ کي مستحڪر ڪرڻ جو پڻ ۽ ان ۾ هن ايتري رعايت ضرور ڪئي جو پنهنجي روَش تي پڇتايائين پر ساڳي وقت اهو بہ چيائين تہ نرم رويي اختيار ڪرڻ کان پهريون ظالر هئڻ نهايت ضروري هو. [58]

هڪ آمر بادشاهہ جي صحيح دلچسپي گهٽ ڪري سندس رعيت جي ماڻهن سان ملندڙ جلندڙ ٿئي ٿي. سندن تعداد، سندن دولت، اُنهن جو نظام ۽ اُنهن جي حفاظت، اُنهن جي عظمت لاءِ نہ رڳو بيحد ضروري آهن پر اُنهيءَ جو بنياد آهن، ۽ جيڪڏهن هو ڪنهن بہ خوبيءَ کان خالي هجي تہ پوءِ دوراندیشي ان جي جڳهہ وٺندي ۽ ساڳيو ورتاءِ اختيار ڪرڻ بابت پنهنجو اثر ڇمائيندي. سيورَس، روم جي بادشاهت کي پنهنجي ذاتي ملڪيت سمجهندو هو ۽ جيئن ئي ڪيس قبضو ملندو هو تہ فورن ان بهترين زمين جي ٽڪري کي هڪ اهر ملڪيت تصور ڪندي ان کي آباد ڪرائڻ ۽ سڌارڻ جي ڪوشش ڪندو هو. فائدي وارا قانونَ جن تي عمل ڪرڻ ۾ ڪابہ لڇڪَ برداشت نہ ڪئي ويندي هئي، ڪيترين خرابين جي پاڙ پٽي ڇڏي، جن مارڪَس جي موت ڪانپوءِ، حڪومت ۽ ماڻهن جي هر حصي ۾ لاقانونيت پکيڙي ڇڏي هئي. عدل ۽ انصاف ڪرڻ وقت، بادشاهہ هر ڳالھ تي پورو ڌيان ڏيندو هو، هر شئي پُرجهڻ ۽ پروڙڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ غير جانبداري اختيار ڪندو هو ۽ جڏهن بہ هو برابريءَ جي سخت روَيي کان ٿورو پاسيرو ٿيندو هو تہ ان صورت ۾ سندس فيصلو هميشہ غريبن يا مظلومن جي حق ۾ هوندو هو، پر ان ۾ هرويرو انسانيت لاءِ همدرديءَ جو جذبو نہ هوندو هو پر جيڪو آمرن جو طبعي لاڙو هوندو آهي تہ ڪنهن جي بہ وڏائيءَ جي غرور کي هيٺ ڪجي ۽ رعيت جي ماڻهن کي نيچائيءَ جي سطح تي آڻي هر ڳالھ ۾ کين بادشاهت تي پاڻيندڙ بنائجي. عمارتن

ڏهرائڻ جو سندس مهانگو شوق، نمائشون لڳرائڻ، ۽ سڀ کان وڌي ڳالهه ته ماڻهن ۾ وڌي دِل ڪري انَ ۽ ڪاڌي پيتي جون شيون ورهائڻ، اِهي سڀ ڪوششون روم جي ماڻهن طرفان محبت ۽ عزت حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪيون ٿي ويون. [59] شهرين جي پاڻ ۾ اٽٻٽَ جي اڳين بدبختين کي هميشه واسطي ختر ڪيو ويو. امن ۽ خوشحاليءَ جي سانت ۽ سڪون جو ماحول صوبن ۾ ٻيهر موٽي آيو هو. ۽ سيورَس جي سخا ۽ فياضيءَ سبب ڪيترائي شهَر ڪالونين جو خطاب اختيار ڪري چڪا هيا ۽ قومي يادگارن جي تعمير ذريعي ماڻهو ڇڻ پنهنجين خوشين ۽ احسان مندیءَ جو اظهار ڪري رهيا هيا. [60] روم جي جنگي هٿيارن جي شهرت کي ٻه جنگي جوڌي ۽ سوپاري بادشاهَ [61] ٻيهر جيئاريو ۽ هن وڌي فخر سان دعويٰ ڪئي ته جيڪا بادشاهت ڪيس مقامي ۽ ٻاهرين جنگي شعلن ۾ وکوڙيل ملي هئي، انکي هن نهايت مضبوط ڪري ڇڏيو هو جنهن ۾ هر طرح مڪمل، آفاقي ۽ باوقار امن امان جو نعمتون هاڻي موجود هيون. [62]

جيتوڻيڪ خانه جنگين جا زخمَ هاڻي پوريءَ طرح پُڄي چڪا هيا، پر انجو موتمار زهر، آئين جي بنيادن ۾ اڃا لڪ ڇَپَ ۾ پنهنجو ڪر ڪري رهيو هو. سيورَس جو توانائيءَ ۽ اهليت ۾ سندس پرپور حصو هو پر پوءِ ٻه ٻهرئين سيزر جي جرئتمندانه جذبي يا آگسٽَس جي ڳوڙهي پاليسي، جي غير موجودگيءَ ۾، فاتح فوجين جي گستاخي ۽ بي ادبي کي دٻائڻ ۽ ختر ڪرڻ ڏاڍو مشڪل مرحلو هو. احسانمندي، غلط پاليسي ۽ ڪجهه وقتي ضرورتن سبب، سيورَس ڪجهه نظر ۽ ضبط جي سختيءَ کي نرم ڪرڻ جي حقَ ۾ هو. [63] سندس سپاهين جي وڏائيءَ کي وڌيڪ زيب ۽ زينت تڏهن ملي جڏهن هنن سونين مُندين کي پائڻ جو اعزاز حاصل ڪيو ۽ سندن آرام جي خواهش کي تڏهن خوشي نصيب ٿي جڏهن اڪيلائيءَ ۾ پنهنجن زالن سان ملڻ ۽ اُنهن سان گڏ گذارڻ جي کين اجازت ملي. هن سندن پگهارون، اڳين سيني وقتن جي مقابلي ۾ گهٽيون وڌايون. ۽ کين ترغيب ڏني ته هو اُميد رکن ته کنهن به قومي موقعي تي جنهن ۾ خطرو هجي يا وڏي خوشي ملي ته هو پلي خاص انعام اڪرام وصول ڪرڻ لاءِ تيار رهن. ڪاميابين تي سرها ٿيندي، عياشيءَ سان تازا توانا رهندي ۽ [64] زبردست فائدن ۽ حقن ذريعي رعيت جي سطح کان مٿي سوچيندي، هو ان حد تائين سُست ۽ ڪاهل ٿي پيا جو هاڻي فوجي تڪليفون ڪرڻ به کين ڏکيون ٿي لڳيون، جائز فرمانبرداري ڪرڻ ۾ به بي صبرا ٿي پيا، هي ڳالهيون ملڪ لاءِ تمام هاڃيڪار هيون. سندن آفيسر رڳو پنهنجن رتبن کي مٿي کان به مٿي ڪرڻ ۾ لڳل ۽ وڌين ۽ شاندار عياشين ۾ رُڌل هيا. سيورَس جو هڪ خط اڃا تائين سلامت آهي جنهن ۾ هن ملينري جي عياشين تي پنهنجي افسوس جو اظهار ڪيو آهي ۽ پنهنجي هڪ جنرل تي زور ڀريو آهي ته هو معاشري کي سڌارڻ جي ڪوشش پلي مٽجسٽريٽن کان شروع ڪن ڇو ته، هو پنهنجي سچي راءِ جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته: 'جنهن آفيسر جو وقار وڃائجي ٿو وڃي ته اُهو پنهنجي ماتحتن جي يا سپاهين جي فرمانبرداريءَ جو نه حقدار رهي سگهندو ۽ نه وري مٿن حڪمَ هلائي سگهندو.' [65] جيڪڏهن بادشاهه اڪيون ٻوٽي پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ها ته ڪيس معلوم ٿي وڃي ها ته مڙني بددياڻتين ۽ معاشري جي بِگاڙَ جو ڪارڻ ڪو هڪڙو مثال يا موقعو نه هو پر خود جيڪو وڌي ۾ وڌو ڪمانڊر هو. اهو سڄو بِگاڙ ان جي تباهه ڪندڙ مهربانين جو نتيجو هو.

محافظن کي، جن بادشاهه کي قتل ڪيو هو ۽ بادشاهت جو عام نيلام ذريعي وڪرو ڪيو هو، سندن غداريءَ جي جائز سزا کين ملي وئي هئي پر محافظن جو اداروَ، توڙي جو ضروري هو پر اوتروئي خطرناڪ ٻه هيو، وري

نئين طريقي سان سيورَس ٺاهيو ۽ ان کي، اڳ جي مقابلي ۾ چار حصا وڌيڪ وڏو ۽ وسيع ڪيو ويو.[66] اڳي فوجين کي اتلي مان پرتي ڪيو ويندو هو پر جيئن جيئن پرياسي وارا صوبا اتلي جا مهذب طور طريقا سکندا ويا تہ هاڻي اُهي مٿسيڊونيا، ناريڪر ۽ اسپين مان بہ پرتي ڏيڻ لڳا. هنن شاندار فوجين جي سلسلي ۾، جيڪي جنگ جي بجاءِ، محلاتن جي شان شوڪت سان وڌيڪ مانوس هيا، سيورَس طرفان اهو طئي ڪيو ويو تہ سرحدن تي مقرر ڪيل فوجين منجهان اُهي فوجي جيڪي قوت، بهادري ۽ وفاداريءَ ۾ تمام ناليوارا ۽ ڪنهن بہ شڪ شبهہ کان مٿاهان هُئا، اُنهن کي اُتان کڊي ترقي ڏني وڃي، سندن خدمتن عيوض کين اعزاز ۽ انعام ڏيڻي وڌيڪ بهتر جڳهہ يعني محافظن طور کين مقرر ڪيو وڃي.[67] هن نئين اداري جي وجود ۾ اچڻ سان، اتلي جا نوجوان فوجين جي پرتين وغيرہ کان ڳري نئين اداري ۾ وڃڻ جون تيارين ڪرڻ لڳا ۽ گادي جو هنڌ بيشمار ماڻهن سان پرڇي ويو جن جي هلت چلت ۽ طور طريقا مختلف هُئا چو تہ اُنهن ۾ سپني کان گهٽا بربر هيا، پر سيورَس ان ڳالهہ ۾ خوش هيو تہ فوجي، نوَن چونڊيل محافظن کي سڃي فوجي اداري جو نمائندو سمجهندا ۽ هاڻوڪا پنجاهہ هزار محافظَ جيڪي هٿيارن، مرتبي توڙي مقابلي ۾ ٻين سپني فوجين کان مٿاهان هُئا، هميشہ لاءِ ڪنهن بہ بغاوت جي خطرن کي نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيندا ۽ بادشاهت کي بہ هنجي لاءِ توڙي سندس ايندڙ نسلن لاءِ دائمي طور محفوظ ڪري ڇڏيندا.

هنن پسنديده ۽ خطرناڪ فوجين جو حڪر ۽ دٻدٻو ڇڻ سڃي بادشاهت جو اهر ڪر ۽ ڪاروبار بنجي ويو. جيئن تہ هاڻي حڪومتَ، فوجي آمريت ۾ بدلجي چڪي هئي، محافظن جو منهندار جيڪو شروعات کان ولي محافظن جي ڪپتان جي عهدي جو هوندو هو، ڪيس نہ رڳو سڃي فوج جو سربراهہ بنايو ويو پر ڪيس ناڻي ۽ قانون جي وزارتن جو بہ مٿاهون عهدو ڏنو ويو. انتظاميہ جي هر ڪاتي ۾ هو بادشاهہ جو نمائندو هو ۽ وٽس اختيار بہ بادشاهَ جا ئي سؤنپيل هيا. پهريون مَنهندار جنهن وٽ جائز يا ناجائز پر لامحدود اختيار هيا اُهو پلاٽئينَس (Plautianus) هو جيڪو سيورَس جو پسنديده وزير هو. سندس حڪومت ڏهہ سال هلي يعني جيستائين سندس ڌيءُ جي شادي بادشاهَ جي وڏي پٽ سان ٿي، جنهن مان بظاهر اٿين ٿي لڳو تہ سندس پاڻَ جا دروازا وڌيڪ کلندا، پر اهو موقعو ئي سندس تباهيءَ جو ڪارڻ بنجي ويو.[68] محلات جون ڪدورتون تہ هو اقتدار جي اُمنگون رکندڙ هو، پلاٽئينَس جي خوف کي وڌائيندين رهيون جنهن ذريعي محلات جي اندر هڪ انقلاب اچڻ جو خطرو پيدا ٿي ويو جنهن بادشاهہ کي بہ پريشان ڪيو، توڙي جو هو ان کي چاهيندو هو، پر اُن ڏڪ ۽ مجبوريءَ مان هن جي موت جي سزا جي منظوري ڏئي ڇڏي،[69] پلاٽئينَس جي زوال کان پوءِ، هڪ وڏي وڪيل پئپينيَن (Papinian) کي هن رنگ برنگي عهدي يعني محافظن جو منهندار، (Praetorian Prefect) تي فائز ڪيو ويو.

سيورَس جي حڪومت ٽائين، بادشاهن جو ڪردار يا ماڻهن جا عام رڙيا سندن جوش جذبي يا سينيٽ لاءِ ظاهري عزت سان لاڳاپيل هوندا هيا، يا وري شهري پاليسين لاءِ ماڻ ميڙ وارو اُنس ۽ رغبت، جنهن کي آگسٽس شروع ڪيو هو، ماڻهن جي دلين ۾ موجود هوندو هو. پر سيورَس جي دؤر جي نوجوانن کي، ڪٽمپ جي سختيءَ سان فرمانبرداري ڪرڻ جي سِکيا ڏني ويندي هئي ۽ جڏهن اُهي انهن ڪٽمپن ۾ خدمتون ڏيندي رهي ريٽا ٽيندا هيا تہ پوءِ فوجي آمريت جي حڪمن هيٺ ڊيوٽي ڏيندا هيا. سندن روَين ۾ ايتري تہ سختي ۽ هَٺ اچي ويندو هو جو هو بادشاهہ ۽

فوج جي وچ ۾ ڪنهن ۾ي طاقت يا اختيار کي نه ته ڪجهه سمجهندا هيا ۽ نه وري ان کي مجيندا هيا. ان ڪالهه ڪان ڪيس ڇڙ ايندي هئي ته هو پاڻ کي اسيمبليءَ جو خادم سمجهي جيڪا به سندس وجود کان نفرت ڪندي هئي پر ان جي مُنهن تي گُهنجَ اڇڻ تي به ڏکي ويندي هئي، جتي سندس طرفان عرض ڪرڻ به اوترو ئي اثرائتو هو پر اُتي هو حڪر جاري ڪندو هو. ساڳيا ئي بادشاهه ۽ فاتحَ وارا طور طريقا اختيار ڪيائين. ۽ ڪليو ڪلايو قانون سازي ۽ انتظامي اختيارَ هلايائين جن جو مالڪ ۽ مختيار به پاڻ ئي هو.

سينيٽ تي فتح حاصل ڪرڻ آسان پر نامناسب عمل هو. هر اڪ ۽ هر جذبو هاڻي وڏي مئجسٽريٽ سان لاڳاپيل هيو جنهن وٽ هٿيارَ ۽ خزانو ۾ئي موجود هيا، جڏهن ته سينيٽ جيڪا نه ته عوام جي چونڊيل هئي ۽ نه وري ان کي فوج کان ڪو تحفظ حاصل هو. نه وري سندس وجود ۾ ڪو قومي جذبو شامل هو. جنهن تباهيءَ جي رستي ڏانهن ويندڙ پنهنجي اختيار کي، قديمي روايتن جي ڏهندڙ ۽ انتهائي ڪمزور بنياد تي پئي هلايو. هڪ جمهوريه جو سهڻو نظريو آهستي آهستي ختر ٿيندو ويو جنهن فطري طور موروثي بادشاهت لاءِ رستو پئي هموار ڪيو. روم جا اعزاز ۽ آزادي صوبن ڏانهن به ڪاميابيءَ سان منتقل ڪيا ويا هيا جتي پراڻي حڪومت کي يا ته ڪو ڇاڏندو ئي نه هو يا وري انکي نفرت مان ياد ڪيو ويندو هو. جمهوريه جي اصولن جي سهڻي روايت کي به تباهه ڪيو ويو هو. اٺنڏونٽ جي دؤر جي يوناني مؤرخن [70] ڪدورت واري انداز ۾ لکيو آهي ته، توڙي جو روم جو حاڪر، مُدي خارج تعصب جي بنياد تي، بادشاهَ جي نالي اختيار ڪرڻ کان پري رهندو هو، پر هن وٽ سڀ بادشاهي اختيار موجود رهندا هٿا. سيورَس جي حڪومت ۾، سينيٽ اوپر جي صوبن جي مهذب ۽ ڪالهائڻ جي فن جي ماهر غلامن سان پريل هوندي هئي جيڪي زيڇائيءَ جي خيالي اصولن ذريعي پنهنجي ذاتي خوشامد جي روين کي جائز سمجهندا هٿا. فائدن جي نوَن حمايتين کي ڪورٽ طرفان خوشيءَ سان ۽ ماڻهن طرفان صبر سان ٻڌو ويو. جڏهن اُنهن پنهنجي ڏڻائيءَ واري فرمانبرداري جي ڏيوٽي جي حمايت ڪئي ۽ آزاديءَ جي لازمي شرارتن بابت ڪالهايو. مجيل وڪيل، ۽ تاريخدان ان ڪالهه تي متفق هٿا ته بادشاهي اختيارَ، مقرر ڪيل ڪميشن وٽ نه پر ان سينيٽ وٽ هيا جيڪا يقيني طرح پنهنجن اختيارن کان دستبردار ٿيل هئي جو ته بادشاهه شهري قانون کان آزاد ۽ مٿاهون هو. پنهنجي رعيت جي ماڻهن جي قسمتن ۽ زندگين بابت ڪنهن به هڪ طرفي حڪر ڏيڻ جا ڪيس پورا اختيار هٿا ۽ جڏهن به چاهي ته سڄي بادشاهت کي پنهنجو اباڻو ورثو [71] سمجهي انجو ڪو به ۽ ڪيڏو به وڏو سؤدوکري پئي سگهيو. شهري معاملن جا تمام وڏا وڪيل ۽ خاص طرح پئپينيَن، پالَس ۽ اُلپيَن، سيورَس جي دؤر ۾ مهربانين هيٺ رهيا هٿا، ۽ روم جا قانونَ، جيڪي موروثي بادشاهت جي سرشتي تي هڪ ٻئي سان متفق هٿا، هڪ اندازي موجب هاڻي شايد پڪا پختا ٿي تڪميل جي ٻلندين کي ٽُهي رهيا هيا.

سيورَس جي دؤر جي ماڻهن، سندس حڪومت جي امن امان ۽ شان شوڪت جي خوشي ۽ سرهائيءَ ۾ سندس ظلمن کي وساري ۽ معاف ڪري ڇڏيو جنهن لاءِ سندس حڪومت مشهور هئي. سندس پويان ايندڙ نسلنَ، جن سندس اصولن ۽ مثالن جي موتمار اثرن جو تجربو ۽ تجزيو ڪيو، ڪيس روم جي بادشاهت جي زوال جو جائز ۽ مڪمل ذميوار سمجهيو.

باب - پنجون
حاشين بابت وضاحتون.

1. اُهي اصل ۾ نوَن کان ڏهه هزار ماڻهو هيا (جو ته ٽئسيٽَس ۽ ڊائن هن موضوع تي پاڻ ۾ متفق ناهن) جن کي اوترن ئي جثن ۾ ورهايو ويو هو. وِٽليَس اُنهن جي تعداد کي سورَهن هزار تائين وڌائي چڌيو: ۽ جيئن پوءِ اسان کي نقشن ۽ ٻي مواد مان خبر پوي ٿي ته اُنهن جو تعداد بعد ۾ گهٽ نه ٿيو. (ڏسو لپسيَس، ڊي مٽيگنيٽيوڊائن رومانا ۾ i,4).
2. آگسٽَس ۾ سوٽونيَس (باب - 49)
3. ٽئسيٽَس (تاريخ جا ورق iv,2) (ٽائبيريَس ۾ سوٽونيَس - باب - 37) (ڊائن ڪئسيَس - Ivii, 867).
4. وٽليس ۽ ويسپاسيان جي خانه جنگيءَ ۾، محافظن جي ڪئمپ تي حملو ٿيو جنهن جو بچاءَ اُنهن سپني مشينن ذريعي ڪيو ويو جيڪي قلعن ذريعي محفوظ ٿيل شهرن جي گهيري ۾ استعمال ٿيون هيون. (ٽئسيٽَس - تاريخ - iii,84).
5. شهر جي ديوارن جي بلڪل ويجهو ۽ قِرنيل ۽ وِمينل ٽڪرين جي پر ۾. (ڏسو ناردِيني، روما انٽيڪا ۾ - ص - 174) (ڊونيٽس - ڊي روما انٽيڪا ۾ - ص - 46).
6. ڪلاڊِيَس، جنهن کي سپاهين تخت تي وڃي ويهاريو هو، پهريون بادشاهه هو جنهن محافظن کي ڏوڪڙن تي هيرايو. هُن " ڦُٽنا ڊينا" يا 120 پائونڊ ڏنا. (ڪلاڊِيس ۾ سوٽونيَس - باب - 10) جڏهن مارڪس پنهنجي ساٿي لوسيَس ويرس سميت چُپ چاپ تخت تي ويٺو ته هُن "وِسينا" يا 160 پائونڊ هر محافظ کي ڏنا. (آگسٽ جي تاريخ - ص - 25) (ڊائن - Ixxiii,1230) اسانکي انهن حرام خوريءَ جي پٽسن جي وڌيڪ معلومات هٿ‌ڀرئن جهڙي بادشاه جي شڪايت مان ملي ٿي ته سيزر کي پنهنجي ترقيءَ تي اڊائي لکَ استرلنگ ڏيڻا پئجي ويا هيا.
7. سِسيرو، ڊي ليگيبَس (iii,3) . لِوي جو پهريون ڪتاب ۽ هٽليڪارنيسَس جي ڊائنوسيَس جو ٻيو ڪتاب، ماڻهن جي اختيارن تي روشني وجهن ٿا ۽ بادشاهن جي اليڪشن جي باري ۾ به معلومات ملي ٿي.
8. اُنهن کي شروعات کان وٺي لٽيٽر، ايٽروريا ۽ پراٽين کالونين ۾ پرتي ڪيو ويندو هو. (ٽئسيٽَس - تاريخ جا ورق iv,5) بادشاهه اوٺو اُنهن جي ڦُوٽڊ تي کين داد ڏو ڏئي ۽ کين خوشامد وارن لقبن سان نوزاي ٿو. جيئن "اٽلي جا پُٽَ" يا "روم جا سچا جوڌا جوانَ." (ٽئسيٽَس - تاريخ i,84)
9. گالز طرفان روم جي گهيري بابت ڏسو لِوي - (v,48) ڪئمل ۾ پلوٽارچ (ص - 143)
10. ڊائن (Ixxiii, 1234) هيروڊئن (ii,63) آگسٽ جي تاريخ (ص - 60) توڙي جو ٽيٽي تاريخدان تسليم ٿا ڪن ته حقيقت ۾ اهو عام نيلام هو، پر اڪيلو هيروڊئن چوي ٿو ته ان کي نيلام جو رنگ نرجي سپاهين ڏنو هو.
11. اسپارٽيَنس، (Spartianus) جولين جي ڪردار ۽ سندس ترقي بابت نفرت جو ڳُن جملن کي ڪافي نرم ڪري پيش ڪيو آهي.
12. ڊائن ڪئسيَس جيڪو ان وقت مئجسٽريٽ هو، جولين جو ذاتي دشمن هو. (Ixxiii,1235) .

13. آگسٽ جي تاريخ (ص - 61) اسان اُن وقت کان ولي هڪ عجيب مشاهدو ڪيو آهي ته نئون بادشاهه، پوءِ سندس جنهن جيئن ۽ جتي به ٿيو هجي، پر جلد ئي سندس شمار ڪيترن ئي اميرن ۽ رتبي وارن خاندانن ۾ ٿيڻ لڳو.

14. ڊائن (Ixxiii, 1235) آگسٽ جي تاريخ (ص - 61) مون هن ليکڪن جي متضاد لکڻين کي ڪوشش ڪري هڪ لڳاتار ڪهاڻيءَ ۾ تبديل ڪيو آهي.

15. ڊائن (Ixxiii, 1235)

16. پوسٽُومِيَن ۽ سيجونيَن - پهرين کي سفارتي مرتبي تي، اُن رتبي جي ايجاد ٿيڻ جي پنجن سالن کان پوءِ ترقي ڏني وئي.

17. اسپارٽئينَس، پنهنجي عجيب يادگيرين ۾ ماڻهن جا سيئي ڳُڻ ۽ اوگڻ جيڪي انساني بناوت اندر اڃي سگهن ٿا، ڳڻائي ٿو ۽ اُنهن کي ساڳي مقصد لاءِ استعمال ٿو ڪري. آگسٽن تاريخ ۾، حقيقت ۾ اهڙا ڪيترائي ڪردار بيان ٿيل آهن.

18. آگسٽ جي تاريخ (ص - 80،84)

19. پرٽينئڪس، جيڪو ڪجهه سال اڳ برطانيہ جو حاڪم هو، سپاهين جي بغاوت ۾ ڪيس مٿل سمجهي ڇڏيو ويو هو. (آگسٽ جي تاريخ - ص - 54) ان جي باوجود اُهي هن سان محبت ڪندا هيا ۽ سندس خاتمي تي ڪين ڏک هيو. ('سندس اخلاق کي گهٽو ساراهيندا هيا جنهن کين وڌيڪ تڪليف ٿي پهچائي').

20. گلبا ۽ سوٽونيَس. (باب - 10)

21. آگسٽ جي تاريخ (ص - 76)

22. هرادِ (ii,68) ائنئڪ جي جان ملالا جي تاريخ، اهڙن جشنن سان ماڻهن جي جذباتي لڳاءَ بابت، اسانکي گهٽو ڪجهه ٻڌائي ٿي جنهن ذريعي سندن وهمن وسوسن جي عقيدي کي به خوشي ملندي هئي ته سندن خوشين سان پيار بابت به اسانکي ڄاڻ ملي ٿي.

23. آگسٽن جي تاريخ ۾، مصر ۾، تيبس جي بادشاهه (King of Thebes in Egypt) جو بيان آيل آهي جيڪو هڪ اتحادي هئڻ سان گڏوگڏ نائجر جو ذاتي دوست هو. مون کي وڏو شڪ ٿو پوي ته اسپارٽئينَس کان شايد ڪا غلطي ٿي آهي هن شهزادن جي هڪ اهڙي حڪمران گهراڻي جو ذڪر ڪيو آهي جنهن جو تاريخ ۾ ڪٿي به ڪو سراغ ئي نٿو ملي.

24. ڊائن (Ixxiii, 1238) هرادِ (ii,67) . هڪ شعر يا بيت جيڪو ان وقت هر ماڻهوءَ جي زبان تي هو، ٽن مخالفن بابت ماڻهن جي تاثر کي ڪنهن حد تائين بيان ڪري ٿو: 'ڪارو اُميدوار (نائجر) سيني کان سٺو آهي، آفريڪي (يعني سيپٽيميَس سيورَس، سٺو اُميدوار آهي، ۽ گورو اُميدوار (يعني البينَس) سيني کان بُرو آهي.'

25. هيروڊئن. (ii,71)

26. ان يادگار جنگ جو احوال ڏسو ويليَس پٽرڪيولس ۾ وغيره (ii,117) جنهن ٽائبيريَس جي فوج ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون هيون.

27. هيروڊئن جو خيال اهو آهي. (ii,74) ڇا آسٽريا جا هاٿرڪا ماڻهو اهو اثر قبول ڪندا؟

28. البينس ڏي لکيل خط ۾، جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ڪموڊس، سيورس تي الزام ٿو لڳائي ته ڪيس اقتدار جو شوق هو جنهن هن جي ورتاءِ جي مذمت ڪئي هئي ۽ هُن سندس جڳهه وٺڻ چاهي هئي. (آگسٽ جي تاريخ - ص - 80)

29. پنونيا ايترو ته غريب ملڪ هو جو اها رقم ادا نه ڪري سگهي ها. ان جو واعدو شايد ڪٿي ۾ ورتو ويو هو پر ادائيگي سوپ ٽيڻ کان پوءِ روم ۾ ٿي. رقم جي حساب ڪرڻ ۾، مون ڪسوبان جي لڳايل اندازي جي واٽ کي اختيار ڪيو آهي. (ڏسو آگسٽ جي تاريخ - ص - 65 ۽ هڪ تبصرو، ص - 115)

30. هيروڊئن (ii,78) سيورس کي دنيوب جي ڪناري تي بادشاهه ظاهر ڪيو ويو يا ڪارننٽر جي جڳهه تي جيئن اسپارٽيئس اسانکي ٻڌائي ٿو (آگسٽ جي تاريخ - ص - 65) يا وري وکٽر جي راءِ موجب سَبارِيا وٽ. مسٽر هيوم، ان راءِ سان متفق ٿيندي ته سيورس جو جَنر ۽ مرتبو ان لائق هيو ٿي کونه جو ڪيس بادشاهه ٻڌائي تخت تائين پهچائجي، ۽ ته اتلي تائين فقط هڪ جنرل جي حيثيت ۾ هُن سفر ڪيو. هِن ڏيتي ليتيءِ جي باري ۾ اوترو ڏيان نه ڏنو آهي جيڪو صحيح حقيقتون ڄاڻائڻ ۾ سندس معمول رهيو آهي. (اصل دستاويز بابت هڪ مضمون)

31. ويلس پٽرڪيولس (ii,111) اسان کي ان سفر جو حساب پنونيا جي ڪنهن ويجهي هنڌ کان رکڻ گهرجي ۽ شهر جي حدن کي گهٽ ۾ گهٽ ٻه سؤ ميل ڊگهو ڪيو وڃي.

32. هيءَ ڪا ٻاراڻي يا جذباتي ڳالهه ناهي، پر هڪ پڪي پختي حقيقت جو حوالو آهي جنهن کي ڊائن بيان ڪيو آهي. (Ixxi,1181) اهو هڪ کان وڌيڪ دفعا ٿيو هو.

33. ڊائن، (Ixxiii,1238) هيروڊئن (ii,81) روم جي ماڻهن بابت اها شاهدي ته ملي ٿي ته اُنهن اجائي خوف خطرن کان نجات حاصل ڪري ورتي هئي ۽ بعد ۾ هاڻين جي جنگ ۾ استعمال ڪرڻ جي خطري کان ٻه تويهه ڪئي هئي، باقي ان ڳالهه جو يقيني ثبوت نٿو ملي ته اُهي فوجي ڪرتبن جا ٻه ماهر هٿا.

34. آگسٽ جي تاريخ (62,63)

35. وکٽر ۽ يوٽروپيس (Viii,17) ان مقابلي جو ذڪر ملوين پُل جي ويجهو پانٽ مولي جي جڳهه وٽ ڪن ٿا جنهن متعلق نالياران ۽ قديمي ليکڪن کي ٻه ان هنڌ بابت معلومات ڪانهي.

36. ڊائن (Ixxiii,1240) هيروڊئن (ii,83) آگسٽ جي تاريخ. (ص - 63)

37. هِنن چاهٽ ڏينهن مان، اسان لازمي طرح سان اُنهن مان پهريون ته سورهن ڏينهن ڪڍي ڇڏيون جو ته پرٽينئڪس کي 28 مارچ تي قتل ڪيو ويو هو، ۽ سيورس گهٽو ڪري 13 اپريل تي چونڊيو ويو هو. (ڏسو آگسٽ جي تاريخ - ص - 65، ۽ ٽِلي مانٽ جي بادشاهن جي تاريخ، iii,393 ، پُرا - 7) فوج کي تحرڪ ۾ آڻڻ لاءِ، اسان سندس الڪشن ڪانپوءِ ڏهن ڏينهن ڪان گهٽ وقت نٿا ڏئي سگهون. باقي سندن تيز ۽ تکي سفر لاءِ چاليهه ڏينهن بچن ٿا ۽ اسان جيڪڏهن روم ڪان وئينا (Rome to Vienna) جي پسگردائي تائين اٺ سؤ ميلن جو حساب ڪتاب رکون ته پوءِ ڇڪَ هيئن وڃي ٻيهندي ته سيورس جي فوج روزانو ستاويهن ميلن جو سفر بغير ڪٽي رُکجڻ يا وقفي ڪرڻ جي طئي ڪيو.

38. ڊائن (Ixxiv, 1241) هيروڊئن (ii,84)

39. ڊائن (Ixxiv, 1244) جنهن هڪ سينيٽر جي حيثيت ۾ ان تقريب ۾ مدد ڪئي هئي، ان جو احوال وڏي مان شان وارو ٻڌائي ٿو.

40. هيروڊئن (iii,112)

41. تورّي جو ليوسن جو مطلب سيزر جي ڪردار کي مٽي ڪرڻ جو هرگز ناهي، تنهن هوندي بہ هو جنهن هيرو جي باري ۾ فرسالیا جي ڏهين ڪتاب ۾ اسانکي ٻڌائي ٿو تہ، مصر جي طاقت خلاف گهيري کي برقرار رکندي، هو ساڳي وقت قلوپطره (Cleopatra) سان بہ پيار ڪري ٿو ۽ اهڙي صورتحال ۾ درويشن سان گفتگو ڪرڻ، حقيقت ۾ هڪ زبردست مدح سرائي آهي.

42. پنهنجي اليڪشن جي حساب سان يعني اپريل 13، 193ع کان فبروري 19، 197ع، يعني البينَس جي موت تائين. ڏسو ٽِلي مانٽ جي ترتيب وار واقعن جي تاريخ.

43. هيروڊئن (ii,85)

44. جڏهن سيورَس خطرناڪ حد تائين بيمار هو تہ اهو وڏي احتياط سان اُن وقت ٻڌايو ويو هو تہ هن جي خواهش هئي تہ هو نائجر ۽ اَلبينَس کي پنهنجا جانشين مقرر ڪري، پر جيئن تہ هو ٻنهي سان مخلص نہ هو تہ هو شايد ڪنهن بہ شخص سان بہ نہ هوندو. تنهن هوندي بہ سيورَس پنهنجي منافقيءَ کي ان حد تائين ڪٽي ويو جو هن پنهنجي ان خواهش جي اظهار کي پنهنجي زندگيءَ جي يادگيرين ۾ لکيو آهي.

45. آگسٽ جي تاريخ. (ص - 65)

46. هي عمل جنهن کي ڪموڊس ايجاد ڪيو هو، سيورَس لاءِ ڏاڍو فائديمند ثابت ٿيو. هن روم ۾ پنهنجن مخالفن جي مڪيہ پوئلڳن جي هارن کي لڏو جن تي هن ڪيترائي پيرا اهو ڪر رکيو تہ هارن جي والدين کي ڏيڃاري يا وري کين لالچون ڏئي هرکائي.

47. هيروڊئن، (iii,96) آگسٽ جي تاريخ (ص - 67،68)

48. آگسٽ جي تاريخ (ص - 81) اسپارٽينَس هڪ انوکو ۽ پوري جو پورو خط هتي شامل ڪيو آهي.

49. هيروڊئن جي ٽئين ڪتاب کي ضرور ڏسو. ۽ ڊائن ڪئسيَس جو چوهترون ڪتاب بہ مطالعي هيٺ آڻيو.

50. ڊائن (Ixxv,1260)

51. ڊائن. (Ixxv, 1261) هيروڊئن (iii,110) آگسٽ جي تاريخ (ص - 68) جنگ، ٽريووڪس (Trevoux) جي ميدان تي لڳي هئي جيڪا ليونس (Lyons) کان ٽي - چار ليگ يعني هارهن - تيرهن ميل پري آهي.

52. مانٽسڪئي (Montesquieu) (باب - xii,)

53. هنن مان گهٽا ننڍا ۽ ڪُليل جهاز هئا، جيئن هڪ اندازو آهي: ڪي وري سِٺهن سان هلندڙ بلڪل ننڍا جيڪي ٻہ هئا ۽ ٽي جهاز وري ڇهن ننڍڙا وَنجهن وارا هئا.

54. انجنير جو نالو پرسڪَس (Priscus) هو، سندس دماغَ هنجي زندگي بچائي ۽ انهيءَ سبب هن فاتحَ وٽ نوڪري ڪئي. گهيري جي وڏيڪ حقيقت بابت ڏسو ڊائن ڪئسيَس (Ixxiv,1251) ۽ هيروڊئن (iii,95). انجي واتَ ۽ سلسلي کي سمجهڻ لاءِ شِوئليئر ڊي فولارڊ جو دلچسپ دستاويز ڏسو. پاليبي (i,76) کي بہ ڏسو.

* صفحو - 102، (ٽريس ۾ هڪ شهر)

55. اسپارٽئينس ۽ ڪجھ جديد يونانين جي تصديق جي باوجود، اسانکي ڊائن ۽ هيروڊئن يقين ڏيارن تا تہ سيورس جي موت کان ڪيترا سال پوءِ بازنطين (Byzantium) برباد ٿي چڪو ھو.

56. ڊائن. (Ixxiv, 1250) .

57. ڊائن (Ixxv, 1262) هن فقط اٺتيهن سينيٽرن جي باري ۾ ٻڌايو آهي جڏهن تہ آگسٽن جي تاريخ ۾ ايڪيتاليھ ڄاڻايا ويا آهن. (ص - 69) جن مان ڇھ پيسينيس جي نالي وارا هئا. هيروڊئن (iii,115) عام طرح سان سيورس جي ظلمن بابت ٻڌائي ٿو.

58. آريليس وکٽر.

59. ڊائن (Ixxvi, 1272) آگسٽ جي تايخ (ص - 67) سيورس آزادانہ راندين خوشي ۽ اعليٰ ظرفيءَ سان ڏيون ۽ هن قومي گڏامن ۾ ايترو اَڻ جمع ڪرايو جيڪو ماٺهن جي ستن سالن جي استعمال لاءِ بہ ڪافي هو. جيڪو 75000 مودي (Modii) يا 2500 ڪوارٽر (Quarters) هڪ ڏينهن جي حساب سان هو.* مونکي ان ڳالھ جو تہ يقين آهي تہ اَن جو ذخيرو سيورس طرفان تمام گھٽي عرصي لاءِ مهيا ڪيو ويو هو پر مون کي ان ڳالھ جو بہ گھٽ يقين ڪونهي تہ هڪ طرف حڪومت جي پاليسي هئي تہ ٻي طرف تعريف هئي. تہ لڳي ٿو تہ اَن جي ذخيري جي اصل حقيقت ڪجھ ٻي هئي پر وڏاءُ ڪجھ وڌيڪ محسوس ٿئي ٿو.

(* مودي يا ڪوارٽر جي برابريءَ وارو پٿمانو ڳبن طرفان ڄاڻايل ناهي. تنهنڪري ان جي وڌيڪ وضاحت نٿي ڪري سگھجي.) (سنڌيڪار)

60. ڏسو قديمي تمغن ۽ نقشن بابت اسپانيہ جي تحريرَ ۽ اسانجا مانَ وار سياحَ اسپون، ويلر، شا ۽ پوڪوڪ وغيره (Spon, Wheeler, Shaw, Pocock) جن آفريڪا، يونان ۽ ايشيا ۾ روم جي ٻي ڪنهن بہ بادشاھ جي مقابلي ۾ سيورس جا وڌيڪ يادگار لڌا آهن.

61. هَو پنهنجي فتح وارا هٿيار سيلو سيا ۽ سيسيفن (Seleucia and Ctesiphon) ڪٽي ويو جيڪي پارٿين بادشاهت جا گاديءَ جا هنڌ هئا. مونکي شايد موقعو ملي تہ مان هن جنگ جي باري ۾ پوريءَ طرح لکي سگھان.

62. (برطانوي ماٺهن ۾ بہ) هنجو سچو ۽ زوردار اظهار هو. (آگسٽ جي تاريخ - ص - 73)

63. هيروڊئن (iii,115) آگسٽ جي تاريخ (ص - 68)

64. سپاهين جي بي ادب روَيي ۽ سندن حقن بابت، سورهين طنزَ جيڪا ناپختہ طنزن سان غلطيءَ مان منسوب ڪئي وئي آهي، جو مطالعو ضرور ڪيو وڃي: ان جي طرزَ، نمونو ۽ حالتون ٻڌائين ٿيون، جن مان مونکي اعتبار ڪرڻو ٿو پوي تہ ان کي سيورس جي حڪومت ۾ لکيو ويو هو يا وڌ ۾ وڌ سندس پُٽ جي دؤر ۾. (تازي کوجنا موجب پتو پيو آهي تہ اُها ناپختہ طنزن واري اصلي آهي).

65. آگسٽ جي تاريخ (ص - 75)

66. هيروڊئن (iii,131)

67. ڊائن (Ixxiv, 1243)

68. سندس جرئت وارن پر گنڊي طاقت وارن کمن مان هڪ هي هو تہ هڪ سوُ آزاد ڪيل رومين کي خَسي ڪرائي ڇڏيو هٽائين. اُنهن منجهان ڪيترن جي تہ شادي بہ ٿيل هئي. ڪيترن کي ٻار هئا ۽ اُهي اُنهن جا پيءُ هيا: اهو فقط انڪري ڪيو هٽائين تہ سندس ڏيءُ هڪ نوجوان بادشاهہ سان شادي ٿيڻ کان پوءِ بيشمار نامردن جي خدمتن ۾ وکوڙيل هوندي تنهنکري اُهي اهڙا هجن جيکي اوپر جي راڻيءَ جي شان وتان هجن. (ڊائن Ixxvi, 1271 .

69. ڊائن (Ixxvi, 1274) هيروڊئن (iii,122,129) اليگزئندريا جو رهواسي ۽ گرامر جو استاد (يعني هيروڊئن) ان ڪُجهي ڏيتي ليتيءَ بابت گهٽي ڄاڻ رکي تو جيکو هن لاءِ اڃ ٿيٽي ڀالهہ ناهي. ڪيس پلانٽيئنس جي غلطيءَ جي، رومي سينيٽر جي جرئت جي مقابلي ۾، وڌيڪ پَڪَ آهي.

70. تعارف ۾ اٽيين.

71. لڳي تو تہ ڪُسيَس کنهن ٻي خيال کان نہ لکيو آهي سواءِ ان جي تہ اهڙا رايا ۽ خيال تايخ جي صنحن تي اچي وڃن. پنڊيڪٽس، (Pandects) (يعني بادشاهي قانونن جو مجموعو جن کي جسٽينيَن جي نظرداريءَ ۾ هڪ ٻئي سان پيٽيو ويو هو) مان معلوم ٿيندو تہ قانوندانن پنهنجي طرفان پنهنجي حقن جي حفاظت لاءِ ڪيڏي نہ لڳاتار جدوجهد ڪئي هئي.

باب - ڇهون

سيورس جو موت - ڪنراڪالا جي ڏاڍائي - بادشاهت تي مئڪرينس جو زوريءَ قبضو - اِلاگابئلس جون حماقتون - سڪندر سيورس جون چڱايون - فوج جي شهواني عياشي - روم جي مال ۽ نائي جي ظاهري حالت.

ڪوشش ڪري مٿي چڙهي ۽ بُلندين يا مٿاهين مرتبي تائين پهچڻ، پلي ڪيڏو به خطرناڪ ۽ ڏکيو ئي سهي، تڏهن به اِن ڪوشش ۾ ئي سگهه ۽ شعوري توانائيءَ جي صلاحيتن کي جهنجهوڑي جاڳائڻو پوندو آهي: پر هوس جي پوڄاريءَ کي تخت ۽ تاج جو ملي وڃڻ ۽ سندس بيشمار خواهشن جي اڄ کي هرگز نٽو اُجهائي سگهي. هن ڪڙي سچ کي سيورس مجيو ۽ محسوس ۽ ڪيو. پاڻ سان گڏ سندس صلاحيتن کيس هيٺاهين درجي ڪان اُتاهون ڪري انسانذات جي تمام مٿاهين مرتبي تائين وڃي پهچايو. هن چيو، "هو سيڪجهه پاڻ آهي" ۽ " اُهو سيڪجهه ڪنهن نه ڪر جو نڪري پيو." [1] وڌندڙ عمر جي تڪليفن ۽ جسماني ڪمزوري ۽ هيٺائيءَ ۾ ڪيس هيڏي ساري بادشاهت کي، هاڻي وڌائڻ نه پر ان کي سنياڻڻ ۽ قائم رکڻ جو سخت فڪر هو: طاقت جي ڏِءِ ڪرڻ کان پوءِ وڌيڪ شُهرت [2] جي ڪيس طلب ڪانه هئي، ۽ هاڻي سندس زندگيءَ جي اڳتي وڌڻ جون راهون بلڪل بند ٿي ڇڪيون هيون. زندگيءَ جي هن ڇوڙاتي ٽي هڪ نازڪ ۽ نفيس جڏبن واري پيءَ جي ناتي سندس فقط هڪڙي تمنا هئي ته ڪنهن طرح سان پنهنجي خاندان جي مٿاهين مرتبي کي، بادشاهت ۾ برقرار رکي سگهي.

ڪيترن ئي ٻين آفريڪي ماڻهن وانگر، سيورس خود پي جادوگري ۽ اڳڪٿين ڪرڻ جي اجائي مطالعي ۽ مشاهدي سان جذباتي طرح لاڳاپيل هو ۽ خوابن يا وهمن وسوسن جي تعبير ڪرڻ ۾ به هن مهارت حاصل ڪئي هئي؛ ان ڪانسواءِ هو علم نجوم يا ستارن جي سائنس ۽ سيارن مٿان اُنهن جي اَثر بابت به ڄاڻ رکندڙ هو جنهن سندس موجوده عمر کان سواءِ، هر عمر يا دؤر ۾ انساني ذهن تي اَڻ ٻڌ نقش ڇڏيا آهن. سندس پهرين زال تڏهن مري وئي هئي جڏهن هو ليون واري گال جو گورنر هو. [3] ٻي زال جي چونڊ ۽ انڪي پسند ڪرڻ ۾، هن پهريون ان ماڻهوءَ کي چونڊيو جيڪو ماڻهن جي نصيبن جون اڳڪٿيون ڪندو هو: ۽ جيئن هن کيس ٻڌايو ته، شام ۾ ايميسا جي جڳهه تي هڪ نوجوان عورت جنهن جو شاهاڻو نسل هو، موجود هئي ته هن هڪدم ان جو سڳُ وجي گهريو ۽ نيٺ ان کي حاصل ڪيائين. [4] جُوليا ڊومنا (Julia Domna) سندس نالو هو ۽ جيڪو ڪجهه مقدرَ کيس عطا ڪيو هو، هوءَ ان سينيءَ جي اهلَ ۽ لائق هئي، وڏيءَ عمر ۾ به سندس حسن ۾ مقناطيسي ڪشش هئي، [5] ۽ ذهني طرح تمام بيدار دماغ ۽ مضبوط فيصلي جي قوت رکندڙ هئي، هي اهڙيون خوبيون آهن جيڪي سندس جنس وارين ۾ مشڪل سان ملنديون آهن. سندس وڏندڙ طبيعت جو سندس مڙس جي سخت ۽ حاسد مزاج تي ذري جو به اثر نه پيو، پر پنهنجي پُٽ جي حڪومت ۾ هن بادشاهت جي مڪيه انتظامي شعبن کي وڏي عقلمندي ۽ دوراندیشيءَ سان هلايو جنهن سبب سندس پٽ جي اختيارن کي مدد ملي، سندس هر ڪر ۾ تعريف لائق اعتدال پسندي هوندي هئي جنهن جي ڪري حاڪر جي وڏين فضول خرچين کي مناسب سطح تائين آڻڻو پوندو هو. [6] جُوليا پڙهڻ لکڻ ۽ فلسفيانه ڳالهين ڏي توجه ڏنو جنهن ۾ ڪيس ڪاميابي به

حاصل ٿي ته ساڳي وقت شهرت جي بلندين تائين به پهچي وئي. هوءَ هر فنَ جي سرپرستي ڪندي هئي ۽ هر ذهين انسان جي دوست بنجي ويندي هئي. [7] جن عِلر وارن ماٿهن تي سندس احسان ٿيل هيا، اُنهن سندس تعريف ڪئي آهي ۽ هنجي ڪردار کي ساراهيو آهي، پر جيڪڏهن اسان قديمي تاريخ جي بدناميءَ واري ڇوڙ هولَ تي ويساهه ڪريون ته پاڪدامني يا جنسي پرهيز جو جيتري قدر تعلق آهي ته شهزادي جوليا سئي شهرت کان گهٽي پَرَيري هئي. [8]

سندس ٻه پُٽ ڪئراڪالا [9] ۽ گيٽا، (Caracalla and Geta) هن شاديءَ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيا جيڪي بادشاهت جا يقيني وارثَ به هيا. پر پيءُ توڙي رومي دنيا جي وڏين اُميدن کي، هِنن فضول قسم جي نوجوانن کان سخت مايوسي ٿي جو هُنن موروثي شهزادن جي دستوري روَين وانگر ڪاهلي ۽ سُستيءَ جي روَش اختيار ڪئي ۽ اهو سمجهي ڇڏيو ته اقتدار ۽ دولت جو بخت سندن ڪميُن ۽ ڪوتاهين جو پاٿهي تدارڪ ڪري ڇڏيندو. بجاءِ سُڌين ۽ وٺندڙ عادتن اختيار ڪرڻ يا پنهنجون صلاحيتون وڌائڻ جي، هنن پنهنجي هالڪپڻ کان وٺي هڪ ٻئي جي خلاف ڪيني، نفرتن ۽ دشمنيءَ جا انبارَ پنهنجي اندر ۾ پالي ڇڏيا هيا.

سندن عمرين جي وڏڻ سان اُنهن جو بغض ۽ ڪينو به وڌيڪ يقيني ٿيندو ويو جنهن کي سندن پسند وارن دوست نُما دشمنن وڌايو جنهن ڪيترين ئي حماقتن کي جنم ڏنو ۽ سندن هڪ ٻئي سان هر ڳالهه ۾ ضِدُ ۽ چٽاپيٽي وڌندي رهي ۽ آخرڪار ٿيٽر سرڪس ۽ محلات ۾ ڏُرين ۽ ورهائجي ويا جن کي سندن ليڊرن طرفان اُميدن ۽ خوف خطرن جي در دلاسن ذريعي هلايو ٿي ويو. دوراندیش بادشاهَ تمام گهٽي ڪوشش ڪئي ۽ ڪين سمجهايو ته هو هڪ ٻئي جي خلاف دل مان ڪدورتون ڪڍن ۽ دشمنيون بند ڪن. پر سندس پُٽن جي پاڻ ۾ دشمني، سندس سڀ اُميدون خاڪ ۾ ملائي ڇڏيون ۽ اُن تختَ کي به اُونڌي ڪرڻ جي نوبت اڇي وئي جنهن کي هن وڏي محنت سان اڏي اوچو بيهاريو هو ۽ رَتُ جي سيمٽ سان ان کي مضبوط ڪيو هو ۽ فوجين ۽ ناٿي جي زور جي حفاظت سان جنهن کي بچايو ويو هو. ٻنهي پٽن سان پورو انصاف ڪندي، ٻنهي سان ساڳيون مهربانيون ڪيائين؛ ٻنهي کي آگسٽس جو لقب عطا ڪيائين ۽ ڪين انٽونينس جي عزت واري نالي سان به منسوب ڪيائين ۽ اهو پهريون پيرو هو جو رومي دنيا ساڳئي وقت تي ٽن بادشاهن کي ڏٺو. [10] ساٽن هِڪَ جهڙائيءَ جي سلوڪ جي باوجود به سندن مخالفت واري چٽاپيٽيءَ ۾ وڌيڪ باهه ٻرڪي ٻئي: هڪ طرف ڪئراڪالا مويي پُٽ جي حيثيت واري حقَ جو مطالبو ڪرڻ لڳو ته ٻي طرف نرم طبيعت وارو گيٽا، عوامَ توڙي فوجين جي ڏيان ۽ محبتن حاصل ڪرڻ جي ڪوششن ۾ مصروف رهيو. هڪ نااُميد ۽ ذهني عذاب پوڳيندڙ پيءُ جي حيثيت ۾ سيورَس پيشنگوئي ڪري ڇڏي ته سندس پُٽن مان جيڪو ڪمزور هوندو، اُهوئي طاقتور هٿان قربان ڪيو ويندو (ماريو ويندو) ۽ جيڪو طاقتور هوندو اُهو به پنهنجين بچڙاين ۽ بُراين سبب تباهه ٿي ويندو. [11]

هنن حالتن ۾، برطانيه ۾ جنگ لڳڻ جي، ۽ اُتر جي بربرن طرفان هڪ صوبي تي حملي جي خبر، سيورَس خوشيءَ سان ٻُڌي. توڙي جو سندس نائبن جي چُستي ۽ خبرداري پرانهَن دشمنن کي پوئتي ڌِڪڻ لاءِ ڪافي هئي، پر هُن هي موقعو غنيمت سمجهيو ته پنهنجن پُٽن کي روم جي عياشين مان ٻاهر ڪڍي، جنهن سبب حڪومت جي هلڻ چلڻ ۽ جنگ جي تڪليفن کان به ڪين ڇڪيءَ طرح واقف ڪري. سندس وڏي عمر جي باوجود (ڇو ته هو سٺ سالن کان به وڏو

هو) ۽ پير جي پَٻَ جي سُورَ ۽ سوڄ سبب، هُن مجبور ٿي پاڻ کي هڪ ڏولي۽ ۾ کڻايو ۽ پنهنجن پُٺن، سڄي ڪٽنب ۽ وڏي فوج سان گڏجي پري پنڌ واري ٻيٽ تي وڃي خيما کوڙيائين. هو بنادير هئبرئن ۽ ائنٽونينَس جون ديوارون اُڪري ويو ۽ دشمن جي ملڪ ۾ ڪاهي ڀيو تہ جيئن سندس پراڻي آسَ پوري ٿئي ۽ هو برطانيہ تي هر صورت ۾ سوڀَ ماڻي. هو ٻيٽ جي اُترئين ڇيڙي جي آخري حدن تائين اندر هليو ويو ۽ رستي تي کوڙ دشمن سندس آڏو نہ آيو. پرڪئليڊونيا جا ٻِڪل حملو ڪندڙ جيڪي فوج جي پٺيان ۽ پاسن کان ڇپ ڇاپ ۾ اهڙي طرح موجود هيا تہ جيئن ڏسي نہ سگھجن: ٻيو وري سخت سرد موسم جنهن ۾ بي رحم سياري جي سردي۽ ۾ اسڪاٽلئنڈ جي جبلن ۽ ڏاڍ جي خطرائتي سفر، روم جي پنجاھ هزار کان ٻہ وڌيڪ ماڻهن کي موت جي مُنهن ۾ وڃهي ماري ڇڏيو. تنهن هوندي ٻہ ڪئليڊونيا جي ماڻهن، تمام طاقتور ۽ زوردار حملي آڏو آخر هٿيار ڦٽي ڪيا، اَمن لاءِ درخواست ڏني ۽ تمام گھٽا هٿيار ۽ پنهنجو وڏو علائقو فاتح رومين جي حوالي ڪيائون. ۽ سندن آڻ مڃڻ عارضي ۽ وقتي ثابت ٿي. جيئن ٿي روم جا فوجي واپس وريا تہ هنن وري پنهنجي آزادي۽ جو اعلان ڪري ڇڏيو. سندن بيچين روحَ، سيورَس کي سخت ڪاوڙ ڏياري ۽ هن نئين فوج ڪئليڊونيا موڪلي ڇڏي، جنهن ۾ خونخواري وارا حڪر ڏنل هيا تہ هاڻي مقامي ماڻهن کي شڪست ڏيڻي ناهي ۾ سندن وجود کي ئي هميشہ لاءِ ختر ڪرڻو آهي. اُهي، بهرحال سندن سخت دشمن جي موت سبب بچي ويا. [12]

ڪئليڊونيا جي جنگ، جنهن ۾ نہ تہ ڪن فيصلائتن مرحلن جو عمل دخل آهي ۽ نہ وري انجا کي اهم نتيجا نڪتا، تہ ان جو ذڪر ڪرڻ ٻہ هاڻي فضول لڳندو: ۾ اهو يقين سان تہ نہ ۾ ڪافي امڪاني حد تائين چئي سگھجي ٿو تہ سيورَس جو حملو برطانيہ جي تاريخ جي هڪ سونهري دوَر يا افساني سان لاڳاپيل آهي. فِنگل، (Fingal) جنهن جي شهرت کي سندس نامياري جوڌن يا فنڪارن سان گڏ اسانجي ٻوليءَ ۾ هڪ اشاعت ذريعي ٻيهر جيئاريو ويو آهي، جي لاءِ ٻڌايو ويو آهي تہ هڪ نازڪ موقعي تي هن ڪئليڊونيا وارن جي ڪمانَ سنبالي هئي، سيورَس جي زور کان گُسائي سلامت نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو ۽ ڪٽرون جي ڪناري تي هڪ وڏي فتح حاصل ڪئي هئائين جنهن ۾ دنيا جي بادشاھ جو پٽ ڪٽراڪل پنهنجي فوجين کان اُنهن زمينن ڏانهن پڇي ويو هو جن تي هو فخر ڪندو هو. [13] هنن جابلو روايتن تي ڪجھ شَڪ شُبهن جو ڏُنڊ ضرور ڇانيل آهي جيڪو اڃا تائين قائم آهي: پر ساڳي وقت ان شڪ کي ڪيتري ٻہ تحقيق يا جديد تنقيد ذريعي صفا رد ٻہ نٿو ڪري سگھجي: [14] ۽ جيڪڏهن اسان بغير ڪنهن خدشي جي ائين ڪري سگھون، ۽ ان انومانَ ۾ خوش ٿيون تہ فِنگل هڪ زندھ حقيقت هئي ۽ ٻيو تہ اوسيَن واقعي ڳائيندو هو تہ پوءِ فلسفيانہ ذهن رکندڙ ماڻهو، ڇنا پينّي ڪندڙ قومن جي عقيدن ۽ رويَن جي زبردست تضاد تي حيرت ڪندي پنهنجون دليون وِندرائيندا رهندا. مثالن ذريعي هڪ جهڙائي ظاهر ڪرڻ نہ رڳو ناڪافي ٿيندي ۽ مهذب ماڻهن کي انتهائي نامناسب ٻہ لڳندي ڇو تہ جيڪڏهن سيورَس جي سنگدلي جي فطرت ۽ انتقام وٺڻ جي عادت کي فِنگل جي رحم دلي ۽ معاف ڪرڻ واري طبيعت جي ڪشادگيءَ سان ٻيٽ ڪجي تہ اُها ٻيٽ ڪرڻ جي نہ تہ هڪ جهڙائي هوندي نہ ان مان ماڻهن کي ڪو فائدو رسندو: ساڳيءَ ريت ڪٽراڪالا جي وحشي ظلم ۽ بزدلي جي بدتريءَ کي اوسيَن جي بهادري، نفاست ۽ سندس شاندار دماغي صلاحيتن سان ڪيئن ٻيٽ ڪري سگھجي ٿي: يا ڪرايي جا ليبَر جيڪي ڪنهن خوف يا خود مطلبيءَ جي ارادي سان شاهي جهنڊي هيٺ اچي نوڪري ڪيائون، تہ سندن برابري، پٺڀائشي آزاد

ماٿهن جي فطري جرئت ۽ بهادريءَ سان کيئن ٿي سگهي ٿي جن مارون بادشاهه جي آواز ٻڌڻ شرط پنهنجا هٿيار اُپا ڪري ڇڏيا هيا: ۽ ساڳي نموني، فقط هڪڙي ئي لفظ ۾، اسان جيڪڏهن ڪئليڊونيا جي اَڻ پڙهيل ماٿهن جي، پري کان ئي جرڪندڙ، فطري ڪُٽن ۽ ڇڳاين ۽ روم جي بگڙيل ماٿهن، جيڪي دولت ۽ غلاميءَ جي گند ۾ ٻُرا ۽ بيڙا بنجي ويا آهن، تي ٿورو غور ڪريون تہ پوءِ پيٽ يا برابري ڪرڻ سراسر هڪ عبث ۽ اجائي ڪوشش لڳندي.

سيورَس جي بگڙندڙ صحت ۽ سندس آخري بيماريءَ ڪُراڪالا جي اُمنگن کي پڙڪائي ۽ اُونداهن جذبن کي جاڳائي ڇڏيو. هاڻي هو ڪابہ دير يا بادشاهت جي ورهاڱي کي برداشت نٿي ڪري سگهيو: ۽ هن ہَہ تي پيرا ڪوشش ڪئي تہ پنهنجي پيءُ جي حياتيءَ جي باقي بچيل ڏينهن کي ڪجهہ ڪُٽائي سگهي. هن سلسلي ۾ هن فوج کي بہ بغاوت ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي [15] پر ڪامياب نہ ٿي سگهيو. جهوني بادشاهہ، مارڪس جي رحم دليءَ جي جذبن کي جاڳائيندي، کيئي پيرا کيس نيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جيڪو انصاف جي فقط هڪڙي اشاري سان، روم جي ماٿهن کي پنهنجي نالائق ۽ نا اهل پٽ جي ظلمن ۽ آمريت کَان سدائينءَ لاءِ سلامت ڪري ڇڏي ها، جڏهن پاڻ ساڳي صورتحال ۾ هو تہ کيس تجربو هو تہ کيئن نہ جبَ جي سختي، هڪ والد جي حق ۾ نرم ٿي وئي هئي. هن کيس سمجهايو، کيس دڙڪا ڏنائين ۽ تنبيهہ پڻ ڪيائين پرکيس سزا نہ ڏئي سگهيو: ۽ هن جي ظلمن جي وڏي لِسٽ جي مقابلي ۾ سندس رحمَ جو هي آخري، هڪڙو ۽ فقط پهريون مثال، سڄي بادشاهت لاءِ وڏيڪ موتمار ثابت ٿيو. [16] سندس ذهني انتشار سبب هن جي جسم ۾ تڪليف ۽ سور پيدا ٿي پيو. انڪري هن خود تڪڙي موت جي خواهش ظاهر ڪئي ۽ سندس سخت بي صبريءَ سان نيٽ اُها نوبت اچي وئي. هن پنجهٽ سالن جي عمر ۾ يارڪ ۾ وفات ڪئي، جڏهن هو پنهنجي شاندار ۽ ڪامياب حڪومت جا ارڙهن سال پورا ڪري چڪو هو. پنهنجي زندگي جي آخري ساعتن ۾ هن، ماٿهن کي سندس پٽن سان تعاون ڪرڻ ۽ فوج ۾ وڃڻ جي سفارش ڪئي. پيءُ جي فائدي واري صلاح سندس اُبهرن پٽن جي دل ۽ دماغ تائين نہ پهتي ۽ نہ متن ڪاٿر ٿيو. پر فرمانبردار فوجين جن بادشاهَ سان وفاداريءَ توڙي سندس اختيارن کي سڃائي صفائيءَ سان هلائڻ جو قَسم کنيو هو، ڪُراڪالا جي ڪوششن ۽ سندس گذارشن جي مخالفت ڪندي، ٻنهي ٻائرن کي روم جو بادشاهہ ظاهر ڪري ڇڏيو. نوَن شهزادن فورن ڪئليڊونيا جي ماٿهن کي امن ۽ سُکون جي حالت ۾ ڇڏيو. گاديءَ جي هنڌ ۾ پهتا، پنهنجي پيءُ جي ڪفن دفن جي رسم ۾ خدائي اعزازن سميت شريڪ ٿيا، ۽ سينيٽ، عوام توڙي صوبن طرفان خوشي ۽ اطمينان سان کين قانوني حڪمران تسليم ڪيو ويو. وڏي پاءُ کي البت ڪجهہ واڌارا اعزاز ۽ رتبا عطا ڪيا ويا پر ٻنهي، بادشاهن کي هڪ جهڙن ۽ آزادانہ اختيارن سان هلائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. [17]

حڪومت هلائڻ جو اهو ورهايل طريقو، هڪ ٻئي سان محبت ڪندڙ ٻن ٻائرن جي وچ ۾ بہ وڏي اختلاف جو باعث بڻجي ها. پر اهو بلڪل ناممڪن هو تہ اهو طريقو هڪ ٻئي سان دشمنيءَ تي مائل ٻائرن جي درميان گهٽو وقت هلي سگهي جن پاڻ ۾ نهراءُ يا صلح نہ تہ چاهيو ٿي ۽ نہ وري ان تي اعتماد ٿي ڪيو. انڪري اهو صاف ٿي نظر آيو تہ ڪو هڪڙوئي حڪومت ڪري ٿي سگهيو ۽ ٻي ڪي هر صورت ۾ ڪيرائڻو هو: ۽ ٻنهي مان هر هڪ، پنهنجي مخالف جي چالُن بابت خود ئي اندازو لڳائيندي، پنهنجي پنهنجي زندگي جي سخت حفاظت ٿي ڪئي تہ ڪٿي ڪو زهر يا ترار

اوچتو ئي اوچتو پنهنجو ڪر نہ ڏيکاري وڃي. گال ۽ انلي جي سندن تيز تر سفر. دوران نہ اُنهن گڏجي ساڳي ٽيبل تي ماني کاڌي ۽ نہ وري کا هڪ رات بہ ساڳئي گهر ۾ گڏجي گذاري. پائرن جي وچ ۾ انهن بدگمانين ۽ دشمنين سوين تي صاف طرح واضح ڪري ڇڏيو هو تہ هو ڪڏهن بہ گڏجي حڪومت نہ هلائي سگهندا. سفر کان واپسيءَ تي جڏهن روم پهتا تہ بنادير اُنهن وڏي ۽ وسيع بادشاهي محلات کي ہن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو.[18] ساڳئي محل ۾ هڪ پاڻ کي پنهنجي رهڻ واري حصي کان ٻي پاڻ سان ڳالهائڻ جي بہ منع ڪيل هئي. دروازا ۽ هڪ ٻئي ڏي اچڻ وڃڻ جي رستن کي قلعا ناهي محفوظ بنايو ويو هو ۽ محافظ پنهنجي ڏيوٽي تي اوتري ئي سختيءَ سان پيا چوڪندا ۽ لهندا هئا جيئن ڪنهن گهيري ۾ آيل جڳهہ جي حفاظت ڪندا هجن. بادشاهہ فقط ماڻهن جي اڳيان ۽ غمن ستايل ماڻ جي موجودگيءَ ۾ پاڻ ۾ ملندا هئا ۽ هر هڪ پنهنجي بيشمار دوستن ۾ وڪوڙيل هوندو جن وٽ هر وقت هٿيار هوندا هيا. خوشي ۽ ٻين تقريبن جي موقعن تي پنهنجي گهر ۾ ترڙي هارن ٻڌن ۾ بہ دل ۾ دهيل ڪدورتن کي مشڪل سان لڪائي سگهندا هئا.[19]

هيءَ لڪل خانہ جنگي جنهن سڃي حڪومت جو ڏيان فقط سندن دشمنيءَ طرف ڇڪرايو هو. هڪ تجويز پيش ڪئي وئي جيڪا ٻنهي حريف پائرن لاءِ فائديمند ٿي نظر آئي. رِتَ اها پيش ڪئي وئي تہ جيئن تہ ٻنهي پائرن ۾ صلح ڪرائڻ هاڻي ناممڪن ٿي لڳو تہ هو پنهنجون پنهنجون دلچسپيون پاڻ ۾ ورهائي ڇڏين ۽ بادشاهت کي اُنهيءَ حساب سان وڙهايو وڃي. هن صلح نامي يا حڪومت هلائڻ جا شرط اڳ ۾ ئي درست طريقي سان طئي ڪيا ويا هيا. اهو طئي ٿيو هو تہ وڏي هٿ جي حيثيت ۾ ڪُراڪالا يورپ ۽ اولهہ آفريڪا کي پنهنجي انتظام هيٺ رکي ۽ ايشيا ۽ مصر تي پنهنجي حڪومت کان دستبرداري اختيار ڪري جيڪي گينا جي انتظام هيٺ هوندا جيڪو پنهنجي رهائش گاهہ اليگزنڊريا يا اٿنٽڪ کي بڻائي؛ هي شهر - روم کان دولت ۽ شان شوڪت ۾ ڪجهہ ٿوروائي گهٽ هئا؛ اهو بہ طئي ڪيو ويو تہ بيشمار فوجي ڪئمپون ٽريس جي باسفورس جي ٻنهي طرفن کان هر وقت موجود هجن جيڪي مخالف بادشاهتن جي حفاظت ڪنديون؛ ۽ ٻيو تہ يورپي نسل جا سينيٽر روم جي حاڪر کي مڃين، جڏهن تہ ايشيا جا ماڻهو اوير جي حڪمران جي تابعداري ڪندا. هن موقعي تي شهزادي جوليا جي نيڻن مان وهندڙ نِيرن، هلندڙ ڳالهين کي وچ ۾ روڪي ڇڏيو: هن رِتَ يا تجويز جي خيال يا تصور ڪرڻ سان ئي ڪيترن رومي ماڻهن کي حيرت ۽ سخت ناراضگيءَ سان پري ڇڏيو هو. فتحن ۾ جيڪو ۽ جيترو علائقو ايترو تہ وڏو ۽ وقت ۽ حڪومت جي پاليسين مطابق هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هو جو اُهو طاقتور زور يا چير ڦاڙ ڪرڻ سان ئي هڪ ٻئي کان جدا ٿي سگهيو ٿي. روم جي ماڻهن کي خطري ڪرڻ لاءِ پڪا پختا دليل هئا تہ غير متحد ۽ تڙيل پکڙيل ماڻهو هڪ مالڪ جي حڪومت هيٺ خانہ جنگيءَ جو بَکَ ٻڌجي ويندا ۽ جيڪڏهن ورهاڳو دائمي ٿي ويو تہ سوين جي ورهاست پڻ عمل ۾ ايندي جيڪا آخرڪار بادشاهت جي ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃڻ تائين وڃي دنگ ڪندي: اُها بادشاهت جنهن جي ايڪي ۽ اتحاد ان کي هن وقت تائين سلامت ۽ باوقار رکيو هو.[20]

جيڪڏهن ناهَ تي عمل ٿي وڃي ها تہ يورپ جو حاڪر ايشيا جو بہ فاتح هجي هيا، پر ڪُراڪالا بظاهر هڪ آسان پر ڪجهہ شرمساري واري فتح حاصل ڪئي. هن پنهنجي ماڻ جي ايلاڻن ۽ مِنٽن کي مڪاريءَ واري غور سان ٻڌو ۽ پنهنجي ماڻ جي رهائش گاهہ تي، پنهنجي پاڻ سان ملڻ لاءِ ان شرط تي راضي ٿيو تہ هو ان سان صلح ۽

پرچاءُ ڪندو. سندن ڳالهه ٻولهه ايڏا جاري هئي تہ اوچتو سوُ سپاهين متان مقرر آفيسر ظاهر ٿيا جن پاڻ کي ڪٽي لڪائي ڇڏيو هو. سندن هٿن ۾ اگهاڙيون تراورن هيون ۽ بدقسمت گيٽا متان ڪڙڪي پيا. سندس حيران پريشان ماءُ کيس پنهنجين ٻانهن ۾ ونڊي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ان ڪوشش ۽ ڪشمڪش ۾ کيس بہ هڻّ تي زخم رسيا ۽ پنهنجي پُٽّ مان لاتُون ڪري نڪرندڙ رتّ سان پاڻ بہ وهنجي وئي ۽ ساڳي وقت اهو بہ مشاهدو ڪندي رهي تہ ڪيئن نہ سندس وڏو پٽ قاتلن کي اشارن ٿي اشارن ۾ پڙڪائي ۽ همٿائي رهيو هو. [21] جيئن ٿي اهو ڪڏو ڪم پورو ٿيو. ڪئراڪالا پنهنجي مُنهن تي پُٽُ جو تاثر ڪٽي تڪڙو تڪڙو محافظن جي ڪئمپ ڏانهن وئي پڳو جيڪو سندس آخري سهارو هو ۽ پنهنجي سرپرست ديوتائن جي مُورتين جي سامهون [22] وڃي زمين تي پاڻ کي اُڇلايائين. سپاهين کيس مٿي کٽڻ ۽ تسلي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. ٿُنڊ ۽ ويڳاڻل لفظن ۾ هن سخت خطري جي حالتن ۽ سندس معجزي واري بچي وڃڻ جو کين احوال ڏنو ۽ اهو بہ انڪشاف ڪيائين تہ کيئن هن دشمن جي منصوبي کي ناڪام بنايو هو ۽ پنهنجي پختي عزم جو اعلان ڪيائين تہ هاڻي هنجو مرڻ ۽ جيئڻ سندس وفادار فوجين سان هو جيڪي سندس سچا ساٿي هيا. درحقيقت، سپاهين جي پسنديده شخصيت گيٽا هيو: پرهاڻي شڪايت ڪرڻ فضول هئي ۽ بدلو وٺڻ خطرناڪ هو ۽ اُهي ايڏا تائين سيوَرس جي پُٽ جي عزت ڪندا هٿا. ماڻهن جي مَٿس پُس ۽ چوٗ ٻول ۾ سندن ناراضگي بہ آخر ڏٺي ٿي وئي ۽ ڪئراڪالا پنهنجي مقصد جي سچائيءَ بابت نہ رڳو کين مطمئن ڪيو پر پنهنجي پيءُ جي حڪومت جي وقت ۾ گڏ ڪيل خزاني مان [23] وڏي فراخ دليءَ مان کين خوب انعامن اڪرامن ڏيڻ سان نوازيائين. سپاهين جا اصلي ۽ سچا جذبا ڏسي هن لاءِ وڏي اهميت وارا هٿا ڇو تہ سندس اختيار ۽ سلامتي، ٻنهي جو دارومدار اُنهن تي هو. سندس حمايت ۾ هٿن جو اعلان ڇڻ تہ سينيٽ لاءِ بہ غير سنڌيءَ طرح حڪم جي برابر هو. هڪ چاپلوس اسيمبلي ڪنهن موقعي پرستيءَ واري فيصلي کي منظور ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهندي هئي، پر جيئن تہ ڪئراڪالا چاهيو ٿي تہ ماڻهن جي پهرين ناراضگي ۽ زخمن کي ڪجهه گهٽ ڪيو وڃي ۽ اُنهن جي مَلهم پٽي ڪئي وڃي: گيٽا جي نالي کي سندس مانّ مطابق ياد ڪيو ويو ۽ سندس ڪنن دفن جي تقريبّ روم جي بادشاهي اعزازن [24] موجب ملهائي وئي. سندس بدقسمتيءَ تي رحم جي جذبي هيٺ، سندس پوئين نسل، هنجي عيبن تي پردو وجهي ڇڏيو آهي. اسان اهو، بهرحال سمجهون ٿا تہ نوجوان ۽ معصوم شهزادو، جيڪو پاءُ جي سازش جو شڪار ٿي موت جي مُنهن ۾ هليو ويو، پاڻ بہ اقتدار حاصل ڪرڻ تي نہ رڳو فقط مائل هو پر انجو خواهشمند بہ هو، ۽ عين ممڪن هو تہ اُهو بہ پنهنجي مقصد ماڻڻ لاءِ بدلي وٺڻ ۽ قتل ڪرائڻ جي ساڳي راند رچائي ها.

جرم هروپرو رائگان نہ ويو هو. نہ روز مرهہ جو ڏنڊن، نہ خوشيون ۽ نہ وري خوشامدون، ڪئراڪالا جي ڏوهي ضمير کي ڏنگن کان بچائي سگهڻ ۾ ڪامياب ٿيون: ۽ هن اُن وقت جڏهن هو ڏهني طرح ڏاڍو پريشان هو، تسليم ڪيو تہ هو ڏهني اذيت واري تصور ۾ پنهنجي پيءُ جي ڪاوڙ ۽ سخت ناراضگي وارا مختلف چهرا پيو ڏسندو هو ۽ پنهنجي پاءُ کي ٻيهر زندهہ ٿيندي ڏسندو هو جيڪو کيس سخت تنبيهہ ڪندو هو ۽ درڪا ڏيندو هو. [25] سندس ڏوهہ جو احساس پنهنجي حڪومت جي اعليٰ ظرفي ۽ ڪردار ذريعي، کيس انسانذات کي ان ڳالهہ جي يقين ڏيارڻ لاءِ آماده ڪري ها تہ سندس پاءُ جو قتل، هڪ اٽل ضرورت جو پاڻمرادو نتيجو هو. پر ڪئراڪالا جي شرمندگي ۽ پشيماني اٽلو

کيس ان ڳالهه تي مائل ڪيو ته هو دنيا مان اُهي سڀ آثار ۽ نشانيون مٽائي ۽ هٽائي ڇڏي جيڪي کيس ڏوهَ جو احساس ڏيارن يا سندس طرفان قتل ڪرايل پاڻ جي ياد کي تازو ڪن. سينيٽ کان پنهنجي محلات ڏي واپس ويندي، هن پنهنجي ماڻ کي کجهه ٻين معزز عورتن جي وِچ ۾ ويهڻ ڏنو جيڪي سندس نوجوان پُٽ جي بي وقتي موت تي روئي ۽ ڇوڙها ڳاڙي رهيون هيون. حاسد بادشاهه سيني کي موت جي مُنهن ۾ ڏيڻ جو ڏوڪو ڏنو ۽ فاضلہ، جيڪا بادشاهه مارڪَس جي زندهه اولاد جي آخري ڏيئ هئي، کي موت جي سزا تي عمل ۾ ڪرايو ويو ۽ حد اها هئي ته پنهنجي ڏکويل ماڻ جُوليا کي ۾ آئنده لاءِ روئڻ ۽ ماتر ڪرڻ کان منع ڪيائين ۽ ڪيس اهو ۾ چيائين ته ڏک مان ڏڪا ساهه ۾ نه ڪڍي ۽ قاتلن سان ۾ رضا خوشيءَ سان مُرڪي ملي. بعد ۾ اهو حساب لڳايو ويو ته جِن ماڻهن تي رتيءَ ماتر ۾ گمان هو ته اُهي گينڊا جا دوست هٿا ته اُنهن سيني کي مردن ۽ عورتن سميت مارايو ويو ۽ اُنهن جو تعداد ويهن هزار فردن کان ۾ مٿي هليو ويو. سندس محافظ يا آزاد ڪيل ماڻهو، اهر ۽ خاص ڪاتن جاوزير ۽ سندس فرصت جي گهڙين جا ساٿي، ۽ اُهي جن کي تازو پاڻ فوج ۾ يا صوبن جي اهر انتظامي جڳهن تي ترقيون ڏنيون هيائين يا جيڪي اُنهن جا ساٿي يا مٽ ڀاڙيندڙ هيا، اُنهن سيني جا نالا موت جي فتويٰ واري رجسٽر ۾ درج ڪيا ويا؛ هي اُهي هيا جيڪي فقط هر جڳهه تي ويا هيا يا اُهي جن گينڊا ڏي کا ٽورڙي ڇڻي ڇپائي ۾ موڪلي هئي؛ يا جن سندس موت تي ماتر ڪيو هو يا اُهي جن پُل ۾ ڪڏهن سندس نالو ۾ ورتو هو. [26] هيلويَس پرٽينئڪس، ساڳئي نالي وارو هڪ شهزادي جو پٽ، جنهن جو قصور اهو هو ته هن هڪ اٿوٽَدر ڪِلّ پوڳ واري ذهانت [27] جو مظاهرو ڪيو هو ته ان کي ۾ پنهنجي زندگيءَ تان هٿ ڏوئڻا پيا. ٽريسا پِرسڪس جو اهو وڏو ڏوهه هو ته هو ان خاندان جو فرد هو جنهن ۾ آزاديءَ سان عشق پُشتين کان وٺي سندن خصوصيت رهندي آئي هئي. جڏهن ڪوڻ الزامن ۽ شَڪن ڪرڻ جا سبب آخر ڪُٽي ويا ته هڪ سينيٽر تي حڪومت جي مخفي دشمن جو الزام مڙهيو ويو ۽ بادشاهه لاءِ ان ٿُهمت جي سچائيءَ جي اها ثابتي ڪافي نظر آئي ته وٽس ملڪيت ۽ ڇڳايون ٻئي موجود هيون. هي اصولَ جيڪي مٿي بيان ڪيا ويا آهن اُنهن منجهان خوني انومانَ ۽ قياس آراين تي هلندي ماڻهن جي زندگي ۽ موت جا فيصلا ڪيندا هيا.

بيشمار معصوم شهرين جي موت تي. سندن مٽن مائٽن، دوستن ۽ عزيزن ڪجهه ڪجهاندرَ ۾ ڇوڙها ڳاڙيا ۽ زارو زار رُنا. محافظن جي مُنهندار پٽيينين جي موت تي بيحد ڏک جو اظهار ڪيو ۽ اُن کي قومي نقصان سان تعبير ڪيو ويو. سيورَس جي آخري ستن سالن دوران، هن رياست جي تمام اهر ڪمن ۾ حصو ورتو هو ۽ سندس خوشگوار اثر سبب، هن پنهنجي پٽ جي ڪهندڙ قدمن کي انصاف ۽ اعتدال پسندي جي رستي تي هلڻ جي رهبري ڪئي هئي. پنهنجي ڪردار ۽ ذهانت بابت يقين ڏيارينديِ، سيورَس، پنهنجي موت جي بستري تي، ڪيس ٻاڏايو هو ته شاهي خاندان [29] جي پلائي ۽ ان جي ايڪي ۽ اتحاد تي وڏَن واري دوراندیشيءَ جي نظر رکي ته جيئن اهي قدرَ قائم رهن. پٽيينين جي ايمانداريءَ وارين خدمتن جو انعام ڪيس اهو مليو جو هن خلاف ڪُراڪالا جي دل ۾ نفرت جي باهه ٻرڪي پئي ڇو ته هو اڳ ۾ ئي پنهنجي پيءُ جي وزير کان ٻُجهان ڪندو هو. گينڊا جي موت کانپوءِ، مُنهندار ڪي حڪر ڏنو ويو هو ته هو پنهنجي دماغ ۽ فصاحت بلاغت جون بهترين صلاحيتون استعمال ڪندي، ڪيل ڪَڏي ڪر لاءِ هڪ معافي نامو تيار ڪري. ڏکن جي موقعن تي لکڻ واري فلسفيءَ اڳ ۾ به سينيٽ جي ڇوڻ تي اهڙي ئي موقعي تي هڪ

مضمون پٽ جي نالي ۾ * ۽ ائگريپينا جي قاتل جي لاءِ لکيو هو. [30] "ماءُ ۽ پيءُ جي قتل کي جائز قرار ڏيڻ جي مقابلي ۾ ملزم ٽيڻ آسان ڪر آهي." اهو پٽيينين جو شاندار جواب هو [31] جنهن کي ان چوڻ ۾ ڪابه هڪ محسوس نه ٿي ته، "زندگي هلي وڃي توڙي عزت يا وقار، ڳالهه ساڳي آهي." اهڙي بهادريءَ وارو ڪردار، جيڪو محلاتن جي سازشن، واپاري ذهنيت جي عادتن ۽ سنڊس ٽي پيشي جي چالاڪين کان بچيل ۽ بلڪل، پاڪ صاف ۽ غيرداغدار هو، پٽيينين جي انساني عظمت کي وڌيڪ چمڪائي ٿو. توڙي جو سنڊس نالو ۽ مانُ انڪري به مٽاهون هو جو هن وڏن عهدن تي ڪر ڪيو هو، بيشمار تحريرون ۽ مضمون لکيا هيائين ۽ هڪ لاجواب وڪيل جي حيثيت ۾ مثالي شهرت رکندڙ هو جنهن کي هن روم جي قانون جي تاريخ جي هر دوُر ۾ قائم رکيو. [32]

هن وقت تائين روم جي ماٺهن کي بس ان ڳالهه تي خوشي ۽ اطمينان هو ته سنڊس بادشاهن جي نيڪيُن ۽ چڱاين کي سندن چُستي ۽ خبرداريءَ سان تعبير ڪيو ويندو هو ۽ انهن جي براين کي سُستي ۽ ڪاهليءَ جي علامت سمجهيو ويندو هو. آگسٽس، ٽراجن، هئڊرئن ۽ مارڪس پنهنجي وسيع حڪومت جي حدن ۾ ذاتي طرح ويندا هيا ۽ سندن شهرت ۽ ترقي ۾ اُنهن جي دانائي ۽ ماٺهن سان چڱائيءَ جي ڪمن جو وڏو هٿ هو. تائبيريس، نيرو ۽ ڊوميٽين، جيڪي سڌائين روم يا پروارن محلاتن ۾ رهيا، سندن آمريت جو دوُر فقط سينيٽ ۽ گهوڙي سواري جي شوق تائين محدود هو. [33] پرڪٹراڪالا ته وري انسانذات جو وڏو دشمن هو. هن گيٽا جي مرڻ کان هڪ سال پوءِ گاديءَ جو هنڌ ڇڏيو (جتي وري هو ڪڏهن به واپس نه وريو) هن پنهنجي حڪومت جو باقي وقت بادشاهت جي صوبن ۾ گذاريو، خاص طرح اوپر وارن صوبن ۾ ۽ هر صوبو واري وارِي سان سنڊس ڪُرمار، تباهي ۽ ظلمن جو شڪار ٿيندو رهيو. ويچارا سينيٽر سنڊس اوچتن حڪمن جي خوف کان ڏڇندي، روزانو ڪاڏي پيتي جون شيون، تمام مهانگيون خريد ڪري، سنڊس وِندرائڻ لاءِ کيس پهچائيندا هيا جن کي هو نفرت مان يا ته اچلائي ڇڏيندو هو يا پنهنجن محافظن کي ڏئي ڇڏيندو هو. هر شهر ۾ عاليشان محلاتون ۽ ٽيٽر ٺهرايائين پر جن کان وري بنادير بچان ڪندي يا ته اُنهن کي ٻنهه ڏسڻ ئي نه ويو يا وري جلداز جلد ڏهرائڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيائين. وڏن مالدار خاندانن کي هڪ طرفا ڏنڊ هٽي ۽ سندن ملڪيتون ضبط ڪري، صفا تباهه ڪري ڇڏيائين ۽ بيشمار رعيت جي ماٺهن تي ناجائز ۽ باريون ٽڪسون هٽي [34] کين ذهني ۽ مالي تڪليفون ۽ اذيتون پهچايائين. آمن امان جي دوُر ۾، معمولي بدمزگيءَ تي پي، هن مصر جي شهر اليگزئندريا ۾ قتل عام جا حڪمَ جاري ڪري ڇڏيا. سراپس جي مندر جهڙي محفوظ جڳهه تان هن هيڏي هوڏي نهاري ۽ هزارها شهرين ۽ ڏارين کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ حڪم ڏيندي اهو به نه ڏٺائين ته ڪيتري تعداد کي قتل ڪرٽو هو يا اُنهن جو ڏوهه ڪهڙو هو: بعد ۾ سينيٽ کي ڏاڍي اطمينان سان ٻڌايائين ته اليگزئندريا جي شهر جا ماٺهو جيڪي ۽ جيترا مئا هيا ۽ باقي جيڪي ڀڄي ويا هيا، سي سڀئي مجرم هيا. [35]

سيورس جي عقلمنديءَ وارين نصيحتن، سنڊس پٽ تي ذري جيترو به اثر نه ڏيکاريو. جيڪو هونئن سوچ سمجهَ فصاحت بلاغت سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ کان وانجهيل نه هيو پر وري انصاف ۽ انسانيت جي احساسَ کان به اوتروئي کوهين پري هو. [36] هڪ خطرناڪ اصول، جيڪو هن ظالم تي ٿهڪي اچي ٿو. ڪٹراڪالا کي چڱيءَ طرح ياد هو جنهن جو هن پرپور ناجائز فائدو ورتو: "رڳو فوج جو اعتماد ۽ همدرديون حاصل ڪريو، باقي ٻي رعيت کي پلي

لاٽ ڪُوٽ سمجهي ڇڏي ڏيو." [37] پر سندس پيءُ جي فراخ دليءَ ۽ هن جي دور انديشي شامل هئي، ۽ فوج سان جيڪڏهن سندس مهربانيون هونديون هيون تہ ان سان گڏ سندس اختيارن جي مضبوطيءَ ذريعي هو مٽن حڪم بہ هلائيندو هو. پر پُٽ جون غير ذميندارين واريون فضول خرچيون ۽ سندس حڪومت جي پاليسيءَ جو حصو هيون، جيڪي ٻنهي يعني فوج توڙي بادشاهت جي تباهيءَ جو ڪارڻ بنجي ويون. سپاهين جي قوت ۽ توانائيءَ کي، فوجي ڪئمپ جي سخت نظر ۽ ضبط سان رَچي رينو ٽيڻ بجاءِ، شهرن جي عياشيءَ ۽ ضايع ۽ برباد ڪيو ويو. سندن پگهارن جي تمام وڏي واڌاري ۽ مٽن انعامن اڪرامن جي پرمار [38] سبب، رياست جو ناڻو فوجين کي دولت مند بنائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو، جن جي امن ۽ سادگي ۽ جنگ ۽ خدمت، فقط عزت ۽ وقار واري غُربت ذريعي ئي بهتر طريقي سان حاصل ڪري سگهبي آهي. ڪئراڪالا جي فطرت ۽ هَڏُ ۽ تڪبر پريل هو، پر فوجين سان هو پنهنجي عزت ۽ رُتبي کي بہ وساري ڇڏيندو هو. سندن گُستاخي واري روَش کي همٿائيندو هو. ۽ هڪ جنرل جي ذميندارين ۽ ڊيوٽي جي منصب کان ڪناره ڪشي ڪندي. عام سپاهين کي خوش ڪرڻ خاطر، اُنهن جي وردي پائڻ کان بہ نہ ڪيهائيندو هو.

اهو نا ممڪن هو تہ اهڙي ڪردار ۽ طبيعت جو ماڻهو، جهڙو ڪئراڪالا هيو، ڪٽان بہ ڪا عزت يا محبت حاصل ڪري سگهي؛ پر جيستائين سندس برابون فوج جي مفاد ۾ هيون تہ هُن کي اُنهن کان بغاوت جو ڪو بہ خطرو ڪونہ هو. هڪ ڳجهي سازش، جنهن کي سندس ئي حسدَ پڙکايو هو، آمرَ لاءِ موتمار ثابت تي. محافظن جي آفيس يا هيڊڪوارٽر کي ٻن وزارتن ۾ ورهايو ويو. مليٽري وارو ڪاتو ائڊوينٽس کي ڏنو ويو جيڪو هڪ سپاهيءَ سان گڏ پنهنجي شعبي ۾ وڏو تجربو رکندو هو. ۽ شهري انتظام جا ڪاتا اوپيليس مٽڪرينس کي سؤنپيا ويا جيڪو پنهنجي شغل ۽ ڏنڈي ۾ ڦرتي ۽ تيزيءَ جي ڪري مشهور هو ۽ پنهنجي سئي ڪردار سبب ترقي ڪري مٿاهين درجي تي پهتو هو. پر هن مٽان مهربانيءَ جو سڀو دارو مدار سندس بادشاهه جي پَل ۾ بدلجندڙ طبيعت تي هو جيڪا "ڪڏهن تولو تہ ڪڏهن ماسو" هئي؛ ۽ سندس زندگي بہ رتيءَ ماتر شڪَ يا ڪنهن معمولي بدگمانيءَ جي ڪچي ڌاڳي ۾ لڙکيل هئي. هڪ آفريڪي ماڻهو کي، جنهن کي ايندڙ وقت جي ڏينڌڙ واقعن جي وڏي ڄاڻ هوندي هئي، سندس ڪيني ۽ جنون گڏجي هڪ خطرناڪ پيشنگوئيءَ بابت ڪيس مشورو ڏنو تہ مٽڪرينس ۽ سندس پٽ جي مقدر ۾ لکيل آهي تہ هو ڪڏهن بادشاهت تي حڪومت ڪندا. هيءَ خبر سڄي صوبي ۾ هر طرف پکڙجي وئي؛ ۽ جڏهن اُهو ماڻهو زنجيرن ۾ جکڙجي روم پهتو تہ هو ايڏا تائين پنهنجي راءِ تي قائم هو ۽ شهر جي منهندار جي موجودگيءَ ۾ واضح ڪيائين تہ ڪيس پنهنجي پيشنگوئيءَ تي مڪمل اعتماد هو. مٽجسٽريٽ، جنهن کي سخت هدايتون مليل هيون تہ ڪئراڪالا جي جانشينن بابت خبر پاڻ ٻڌائي، فورن آفريڪي شخص جي انڪشاف بابت شاهي محلات ۾ اطلاع ڏنو جيڪو ان وقت شام ۾ هوندو هو. پر، قومي پيغام رسائيندڙن جي جاکوڙ جي باوجود، مٽڪرينس جي هڪ دوست کي موقعو ملي ويو جنهن کيس ايندڙ خطري کان آگاهه ڪري ڇڏيو. بادشاهه کي روم کان خطَ مليا؛ ۽ جيئن تہ هو ان وقت گهوڙا - گاڏين جي ڊوڙ ۾ مصروف هو تہ هن بغير کولڻ جي اُهي خطَ محافظن جي منهندار جي حوالي ڪيا ۽ کيس هدايتون ڏنائين تہ عام نوعيت جي معاملن وارا خط پلي دستوري طرح موڪلي ڇڏي باقي جيڪي وڌيڪ اهم هيا، اُنهن بابت کيس

رپورٽ ڏني. مٿڪرينس پنهنجي بدقسمتيءَ بابت اڳي ئي باخبر ٿي چڪو هو. پر اهڙي بدنصيبيءَ جي مقدر کي روڪڻ جي کوشش ڪيائين. هن کجهه هيئين آفيسرن ۽ بادشاهه خلاف ناراضگي ۽ نفرت جي باهه کي ڀڙڪائڻ جي کوشش ڪئي ۽ مارٽئلس (Martialis) جون خدمتون حاصل ڪيائين جنهن جي ڪاوڙ اڳ ئي ٿوٽ چڙهيل هئي ۽ جو ته ڪيس سوڙ سپاهين جي مُنهندار جي عهدي تي ترقي ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويو هو. ڪٽراڪالا جي مذهبي جذبي کيس مجبور ڪيو ته هو ايڊيسا کان چنڊ جي مندر تائين عقيدت جو سفر ڪري ڪارهي (Carrhee) پهچي ۽ عقيدت جو نذرانو پيش ڪري. گهوڙي سوارن جو جٿو ساٿس گڏ ٿي هليو: پر رستي تي ڪنهن ضروري ڪم سان ٿوري دير رُڪيا ۽ سندس محافظ دستوري طرح بادشاهَ کان ٿورو پرَ پرو ٿي هليا: ۽ مارٽئلس، ڊيوٽي ڏيڻ جو فريب ڪندي بادشاهَ وٽ پهچي ويو ۽ بنادير پنهنجي خنجر سان مٿس حملو ڪري کيس ماري ڇڏيائين. بهادر حملي ڪندڙ کي بـ، بادشاهي محافظ جيڪو اسڪيٽيا جو تيرانداز هو فورن ماري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح هڪ راڪاس جو خاتمو ٿي ويو جنهن جي زندگي جڙ انسانذات لاءِ ذلت جي علامت بنجي وئي هئي ۽ جنهن جي حڪومت رومين جي تاريخ جي صفحن تي بدناميءَ جو هڪ وڏو ۽ بدنما داغ هئي. [39] احسانمند سپاهين کان سندس برايون وسري ويون هيون. کين فقط سندس هڪ طرفي فراخ دلي ياد هئي ۽ سينيٽ کي مِنت ڪيائون ته هو سندن مان مرتبي جو بہ نذرانو پيش ڪرڻ لاءِ تيار هٿا ته ان جي صدقي ۽ ٻيو مذهب جي طفيل کيس ديوتائن جو درجو ڏنو وڃي. هو جڏهن جيئرو هو ته سڪندر اعظم (Alexander the Great) فقط هڪڙوئي اهڙو سورمو هو جنهن کي هي ديوتا (ڪٽراڪالا) پنهنجي تعريف جي لائق سمجهندو هو. هن پنهنجي پاڻ کي سڪندر جو خطاب ۽ اعزاز عطا ڪري ڇڏيو. مٿسيڊونيا جي محافظن جو هڪ جٿو ٺاهيائين. اُرسطو (Aristotle) جي پوٽلڳن ۽ شاگردن کي تڪليفون پهچايائين ۽ ترڙائيب واري جوش جو اظهار ڪيائين جيڪو سندس نظرن ۾ اهڙو جذبو هو جنهن ۾ هن کا چڱائي يا عظمت ڏني هئي. اسان آساني‌ءَ سان سمجهي سگهون ٿا ته نروا* جي جنگ ۽ پولنڊ جي فتح کان پوءِ، چارلس ٻارهين (Charles the Twelfth) (باوجود ان جي جو هن کي فلپ جي پُٽ (يعني سڪندر اعظم) کان ايڏا وڏيڪ ڪارنامن ڪرڻ جي گهرج هئي) پلي فخر ڪري ها ته هن بهادري ۽ سخا ۾ ٻين نالیوارن شخصيتن سان برابري ڪئي هئي: پرڪٽراڪالا جي زندگيءَ جي ڪنهن هڪڙي ڪَرَ ۾ بـ مٿسيڊونيا جي سورمي سان ذري جيتري بہ مشابهت يا پيٽ ڪرڻ جو ڪٽي کو امڪان ئي نظر نٿي آيو سواءِ هڪڙي ڪم جي ته هن پنهنجا توڙي پنهنجي پيءُ جا بيشمار دوستَ، بيگناهه مارائي ڇڏيا. [40]

سيورَس جي خاندان جي خاتمي کان پوءِ، رومي دنيا تن ڏينهَن تائين بغير ڪنهن والي وارثَ جي هئي. فوجين طرفان چُونڊ ڪرڻ (جو ته پري پنڌ واري ۽ ڪمزور سينيٽ جي اختيارن کي کا اهميت ڪانه هئي) هڪ ڏکيو مسئلو نظر ٿي آيو جو ته سندن نظر ۾ کو بہ اُميدوار اهڙو نه هو جيڪو مٿاهين درجي جي جَرَ ۽ ذهانت جو دعويدار هجي ۽ سندن ڏيان جي لائق ۽ وڻڻ وٺڻ جو اهل هجي. بادشاهي محافظن جي فيصلي واري ۽ تمام اهر قُوت سبب، مُنهندارن جي اُميدن ۾ سرهَائي آئي ۽ وزيرن بہ ڏُک ڏوڙ شروع ڪري ڏني: اهڙيءَ طرح سيني پنهنجي پنهنجي نموني بادشاهي تخت حاصل ڪرڻ لاءِ قانوني حقن جو سهارو وٺي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي. بهرحال ائڊوينٽس جيڪو پرائـو مُنهندار هو پر پنهنجي وڏي عمر، جسماني ڪمزوري، محدود شهرت ۽ پنهنجي گهٽ اهليت کان واقف هـو، هِن

خطرناڪ اعزاز حاصل ڪرڻ کان پنهنجي دوست ۽ سائي مئڪرينس (Macrinus) جي حقّ ۾ دستبردار ٿيو جيڪو هڪ بيحد چالاڪ شخص هو ۽ جنهن جي چهري تي ڏاڪ جي مسلسل ڊوڙنگ رچائڻ، اُنهن شَڪن کي صفا ڏور ڪري ڇڏيو ته هُو ڪنهن بہ طرح سان پنهنجي مالڪ جي موت جو ذميوار يا مددگار هو. [41] فوجين کي نہ ته هن لاءِ محبت هئي ۽ نہ وري سندس ڪردار کي هو سمجهي ٿي سگهيا. هنن چوڻ ڏئو واڻئو ته منّ کو بادشاهت لاءِ مناسب اُميدوار ڪين نظر اچي وڃي، نيٺ بي دلي ۽ مجبوريءَ مان سندس حق ۾ فيصلو ڏنائون ڇو ته هُن، ساڻن فراخ دليءَ ۽ مٽن گهٽين مهربانين ڪرڻ جا وڏا واعدا ڪيا هيا. بادشاهي مرتبي ماڻڻ کان ٿوروئي پوءِ هُن پنهنجي ڏهن سالن جي پُٽ ڊائڊيو مينيئنس (Diadumenianus) کي ائنٽونينس جهڙو شاهي ۽ شهرت وارو اعزاز عطا ڪيو. نوجوان جي خوبصورت تصويرَ، جنهن کي هڪ تقريبَ ۾ انعامن اڪرامن سان بہ نوازيو ويو هو، هڪ اُميد پيدا ڪئي ته فوجين جو اعتماد مٿس ڏڌندو ۽ مئڪرينس جو شڪَ گاڏڙ تخت شايد هن لاءِ محفوظ بنجي وڃي.

نئين بادشاهَ جي اختيارن کي خوشيءَ ۽ فراخ دليءَ سان سينيٽ ۽ صوبن طرفان منظوري ملي وئي. اُنهن جي خوشين ۽ سرهائين جي ڪا حدّ يا حساب ئي ڪو نہ هو ڇو ته اوچتوئي اوچتو اهڙي ظالم آمرَ کان ڪين نجات ملي هئي جنهن کان هو سخت نفرت ڪندا هئا ۽ هاڻي هنن لاءِ ڪُراڪالا جي جانشين جي ڪردار کي جاچڻ جوچڻ جي نہ ته ضرورت هئي ۽ نہ ان جي ڪا اهميت ئي هئي. پر جيئن ئي پهرين خوشي، حيرت ۽ جذبات جا اثرَ آهستي آهستي گهٽبا ويا ته هنن مئڪرينس جي اهليت ۽ ذهانت جي باري ۾ سنجيدگيءَ ۽ غور سان سوچڻ شروع ڪيو ۽ فوج کان بہ سندن تڪڙي ۽ اُبهرائيءَ واري فيصلي بابت پڇاڻو ڪرڻ شروع ڪرڻ ڇڏيو. هن وقت تائين اهو آئينَ جو بنيادي اصول رهيو هو ته بادشاهہ کي هميشہ سينيٽ منجهان چونديو وڃي ۽ بادشاهي اختيارَ جيڪي سينيٽ جي اداري کي حاصل نہ هيا، اُهي ان جي ڪنهن بہ اعتماد واري ميمبر جي حوالي ڪيا ويندا هيا. پرمئڪرينَس ته سينيٽر هيوئي ڪونہ. [42] بادشاهي مُهندارن جي مٿاهين درجي تي پهچي وڃڻ ذريعي سندن نِيچ نسل ظاهر ٿي پوَندو هو ۽ گهوڙن رکڻ ۽ پالڻ جو ادارو ايجا تائين ان وڏي رتبي جي قبضي ۾ هوندوَ هو جيڪو سينيٽ وارن جي قسمتن ۽ زندگين بابت هڪ طرفو اختيار ۽ طاقت رکندڙ هو. ڪاوڙ ۽ ناراضگيءَ جو چوٻول هر طرف کان ٻڌجڻ لڳو ته هڪ ماڻهو، جنهن جي آڏ ڇٽي نسل سبب [43] ڪيس، ڪنهن بہ نمايان ڪارنامي يا قومي خدمت جو اعزاز حاصل نہ هو ته انکي اها جرئت ڪيئن ٿي ته بادشاهي لقب اختيار ڪري، بجاءِ اِنجي جو اهو اعزاز ڪنهن ناليواري ۽ شهرت رکندڙ سينيٽر کي ملي ها جنهن جي جَرَ ۽ رُتبي جو شان مانُ ان قابل هجي ها جو ڪيس بادشاهي مرتبي تي ويهارجي ها ته بيحد مناسب بہ لڳي ها. جيئن ئي مئڪرينَس جي ڪردار کي ڪاوڙ ۽ تنقيد جي تيز نظرن سان جاچڻ شروع ڪيو ويو ته ان ۾ ڪيترين ئي برائين ۽ نقصَ ظاهر ٿي پيا. سندس وزيرن جي چُونڊ ڪرڻ تي بہ مٿس تنقيد ٿي ۽ ناراض ماڻهن پنهنجي دستوري بيباڪيءَ سان، بادشاهَ جي ڪاهلي، بزدلي ۽ زياده سختيءَ جي روَين تي بيشمار الزام لڳايا. [44]

سندس اُبهري خواهش جي زور تي هو ايڏي ته اُتاهين چوٽيءَ تي چڙهي ويو هو جتي مضبوط ٿي بيهڻ بہ ڏکيو هو ته وري اُتان ڪِرڻ جي صورت ۾ تُرت تباهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو بہ ڪونہ هو. ڪورٽن جي ڪارروَاين کي مُنهن ڏيڻ ۾ هن سِکيا حاصل ڪئي هئي ۽ شهري معاملن کي سلجهائڻ جو بہ ڪيس فن ايندو هو پر هو ماڻهن جي خطرناڪ

۽ وڏي ڇڙواڳ هجوم کان خوفزده هو ۽ پئو ۾ بنهه ڏکي رهيو هو جو ته هُن متن کنٽرول ڪرڻ جي ڪمان سنڀالي هئي: سندس فوجي مهارت کان ماڻهن کي نفرت هئي، ۽ هنجي ذاتي جرئت کي به شڪ جي نگاهه سان ڏنو پئي ويو. ان وچ ۾ هڪ افواهه سُس پُس ذريعي گردش ڪندو ڪٽمب تائين پهچي ويو جنهن ۾ مرحوم بادشاهه بابت هڪ موتمار سازش جي راز جو انڪشاف ڪيو ويو. جنهن ذريعي ڪمينگيءَ جي منافقت سان ڪيس قتل ڪرڻ جو راز پڌرو ٿي پيو ۽ ماڻهن جون ڍڪارون ۽ نفرتون چوٽ چڙهي ويون. سپاهين کي پاڻ کان بيزار ڪرڻ ۾ ۽ لازمي تباهيءَ کي وڌيڪ تيز ڪرڻ ۾، سُڌارڪ جي ڪردار جي ڪوتاهي هئي ۽ سندس مقدر جو اهو منظر نامو هو جنهن ۾ مڪرينس کي مجبور ڪيو ويو ته هو اهڙي واڳ سنڀالي جيڪا ايندڙ خطرن سان پريل هئي. ڪُراڪالا بي انداز فضول خرچيءَ، بربادي ۽ افراتفريءَ جي پريل ريل پوئتي ڇڏي هئي، ۽ جيڪڏهن اهو بيڪار ۽ نالائق آمر، پنهنجي گندي ڪردار جي يقيني نتيجن کي اندر جي آئيني مان ڏسي وٺي ها ته هو شايد ڏکُن ڏولاوَن ۽ بيشمار مصيبتن جي احساس ٿيڻ تي، پاڻ کي ان جو ذميوار سمجهي مطمئن ٿئي ها ۽ اِهو ئي ڪجهه هو پنهنجن پوين لاءِ ورثي ۾ ڇڏي ويو.

ضروري سُڌارن جي نظام کي نيڪ ڪرڻ لاءِ، مڪرينس هر قدم نهايت احتياط ۽ دوراندیشيءَ سان کڻڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪو روم جي فوجين جي صحت ۽ توانائيءَ کي، آسان ۽ اَڻ محسوس ٿيندڙ طريقي سان واپس آڻڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ها. جيڪي فوجي اڳ ئي نوڪري ڪري رهيا هيا، ته اُنهن کان ڪُراڪالا طرفان ڏنل بي انداز سهولتون ۽ برداشت کان به مٿاهان پگهارَ، هُن مجبور ٿي واپس ڪري ڇڏيا؛ البت نوَن رنگر وٽن کي مناسب معاوضا ۽ اعتدال واريون سهولتون ڪين آڇيون ويون جيڪي سيورَس جي حڪومت ۾ ڪين حاصل هيون ۽ اُهي اعتدال ۽ فرمانبرداريءَ واري واڌ تي پوري نظر ۽ ضبط سان هلي پيا. [45] پر هڪ موتمار غلطي، هن فائديمند منصوبي جي صحتمند نتيجن کي ختر ڪري ڇڏيو. اوپر ۾ جيڪا بي انداز فوج اڳئين بادشاهه مقرر ڪئي هئي، مڪرينس پاران هيڏي ساري فوج کي مختلف صوبن ۾ ورهائي موڪلڻ بدران، ان کي شام ۾ ٿي سياري جي ڏڙ ۾، متحد ٿي رهڻ ڏنو ويو. هي اُهو وقت هو جڏهن هن بادشاهت جو منصب سنڀاليو هو. پنهنجين رهائش گاهن جي آرام ۽ آسائش ۾، فوجين پنهنجي طاقت ۽ تعداد جو جائزو ورتو، پنهنجون شڪايتون پهچايون ۽ پنهنجن دماغن ۾ هڪ ٻي انقلاب جي فائدن جي باري ۾ پنهنجا خيالَ ڊوڙائڻ لڳا. فوج ۾ جيڪي جُهونا جوڳي هيا، سي فائدي واري موقعي پرستي کان متاثر ٿيڻ بجاءِ، بادشاهه جي پهرين حُڪمن کان البت هوشيار ۽ وڌيڪ محتاط ٿي ويا هيا جن مان سندس ايندڙ وقت جي ارادن جي خبر آسانيءَ سان، پُٺجي ٿي سگهي. رنگروٽن، مايوسي ۽ ناراضگيءَ مان، پنهنجي نوڪريءَ جي باري ۾ اظهار ڪيو جنهن جي محنت کي ته وڏايو ويو هو پر معاوضن کي، هڪ هوس رکندڙ ۽ جنگ کان بيخبر بادشاهه، گهٽائي ڇڏيو هو. فوجين جو چوٻول بغير پئو ۽ خطري جي هاڻي بغاوت واري غوغاءَ ۽ گوڙ شور ۾ تبديل ٿي ويو ۽ بي اطميناني ۽ ناراضگيءَ نندن وڏن بلوَن کي جنم ڏنو ۽ هاڻي فقط ڪٽان ڪنهن کي اُماڙي اُڇلڻ جي شايد دير هئي جتان عام بغاوت جي باهه کي ڀڙڪو ڏئي ٻرٽو هو. ان سوچَ ۾ منتظر دماغن کي هڪ مناسب موقعو ڪين خودبخود هٿ اچي ويو.

شهزادي جُوليا پاڳ ۽ بخت جي سيني لاهن چاڙهن جي تجربي مان گذري هئي. هڪ هيٺاهين درجي کان هوءَ مٿاهين مقام تي شايد انڪري پهتي هئي ته وڏي مرتبي جي اوتري ئي وڏي ڪڙاڻ جو ذائقو چکي سگهي. هڪڙي پُٽ

جي موت ۽ ٻي جي قتل تي روئڻ سندس نصيب ۾ لکيل هو. ڪنراڪالا جي بيدرديءَ جي موت، توڙي جو سندس پرڪارن مان سندس عقلمنديءَ اهو ڪيس اڳواٽ ٻڌايو هوندو جيڪو ساڻس ٿيو. هڪ ماءُ ۽ هڪ شهزاديءَ جي جذبن ۽ اُڌمن کي جاڳائي ڇڏيو هو هڪ غاصب طرفان، سيورَس جي بيوَهه سان عزت پريٽي ۽ خوش خلقيءَ جي روَيي جي باوجود، هن پاڻ کي، محنت ۽ جدوجهد ذريعي، رعيت جي درجي تي پهچائي ڇڏيو ۽ ڪنهن تي پاڻ ۽ ٻاڏائڻ واري ذلت کان، هن جاڻي واڻي مرڻ پسند ڪيو [46] ۽ هر ڳالهه کان هميشه لاءِ دست بردار ٿي وئي. سندس پيٽ جُولِيا مِيسا کي گهرَ ۽ ائنٽنڪ ڇڏڻ جو حڪر ڏنو ويو. هوءَ پنهنجي کافي مال دولت سميت جيڪو مٽس ويهَن سالن جي مهرباني‌ءَ جو نتيجو هو ايميسا ۾ وڃي رهي، ساڻس گڏ ٻه ڏيئرون سيمياز ۽ ميميا ٻه گڏ هيون جيڪي ٻئي ٻيوهه هيون ۽ هر هڪ کي هڪ پٽ هو. سيمياز جي پُٽ بسيئينَس کي پاڪ ۽ پوَتر ڪري سج ديوتا جي وڏي پادري وٽ وزارت ملڻ جو مان مليو ۽ ان پاڪ ڏنڊي کي اختيار ڪرڻ جي نتيجي ۾ خبرناهي دوراندیشيءَ يا وسوسن سبب، اڳتي هلي شامي نوجوان کي مٿاهون بنائي روم جي بادشاهت تائين پهچائي ڇڏيو. ايميسا ۾ نمار گهٽا فوجي مقرر ڪيا ويا ۽ جيئن ته مئڪرينس جي سختيءَ واري نظر ۽ ضبط سبب مجبوريءَ مان سخت سياري جي سرديءَ ۾ ٻه ڪين ڪئمپ ۾ ئي گذارڻو پئجي ويو هو، هاڻي هو پنهنجي ان غير معمولي تڪليفن ۽ ناجائز ظلمن جي بدلي وٺڻ لاءِ آماده ٿي پيا. جيڪي فوجي، ميڙن جي صورت ۾ سج ديوتا جي مندر ۾ گڏ ٿيا، اُنهن بيحد خوشي ۽ عقيدت مان نوجوان پادريءَ جي خوبصورت تصوير ۽ شانائتا ڪپڙا ڏٺا: هنن سُجاتو يا فقط خيال ۾ آيُن ته اُنهن سجاتو هو ته اِن پادريءَ جا مُهانڊا بلڪل ڪنراڪالا جهڙا هيا، جنهن کي هاڻي هو احترام مان ياد ڪندا هيا. چالاڪ ميسا، سندن هڪ طرفي وڏندڙ مقبوليت کي محسوس ڪندي ۽ آساني‌ءَ سان پنهنجي پوٽي جي بخت جي حق ۾، پنهنجي ڏيءَ جي شهرت کي قربان ڪندي، سيني جو توجہ چڪرايو ته بسيئينس، قتل ٿيل بادشاهه جو فطري ۽ اصلي پُٽ هيو. هن جي ڪُجهن قاصدن ۽ جاسوسن طرفان تمام گهٽي رقم ورهائڻ سبب، اعتراض ڪندڙن کي خاموش ڪيو ويو، نه رڳو ايترو پر جام دولت جي وَنڊَ، لاڳاپيل ماڻهن سان سندن ناتا ٻه جوڙي ڇڏيا ۽ هاڻي بسيئينس کين رڳو مُهانڊن ۾ نه پر نِج اصلي لڳي رهيو هو. نوجوان ائنٽونينَس ـ هُن هي خطاب اختيار ڪري، هڪ عزت واري نالي کي ٻه غليظ ڪري ڇڏيو هو) کي ايميسا جي فوجين طرفان بادشاهه جو اعزاز ڏنو ويو، موروثي حق سندس حوالي ڪيا ويا ۽ وڏي واڪي فوجين ۾ اعلان ڪرايو ويو ته هو هن نوجوان ۽ ڪشاده دل شهزادي جي جهنڊي هيٺان اچن ۽ انجي تابعداري ڪن چو ته هن پنهنجي پيءُ جي موت جي بدلي وٺڻ ۽ فوجين کي اذيت ۾ وجهڻ واري عمل خلاف سندن وقار کي بحال ڪرڻ جو عزم ڪيو هو. [47]

جڏهن ته عورتن ۽ ڪدڙن جي گڏيل سازش کي فوري طاقت، توانائي ۽ دوراندیشيءَ سان نبيريو ۽ ٺيڪ ڪيو ويو، مئڪرينَس جيڪو جيڪڏهن پنهنجي پوري طاقت سان اڳتي وڌي ها ته پنهنجي دشمن، جيڪو اڃا معصوم ٻارهن، کي شڪست ڏيڻ ۽ ختم ڪرڻ ۾ ڪيس دير نه لڳي ها، پر هُو حفاظت ۽ خطري جي بن متضاد رُخن تي غور ڪندو رهيو ۽ فيصلي ڪرڻ ۾ ٻڏ - تَر ۾ رهيو ۽ ان ڪيفيت ۾ هو ڪيڏانهن به نه وڌيو پر فقط ائنٽنڪ ۾ ئي رهيو. ان وچ ۾ شام جي ڪئمپن ۽ فوجي چانوٽين ۾ جاڏي ڪاڏي بغاوت جي هڪ لهَر هلي پئي، فوجين پنهنجن ٿي آفيسرن کي ماري ڇڏيو [48] ۽ پاڻ باغين سان ملي ويا ۽ فوجين جي پگهارن ۽ ٻين سهولتن جي بحاليءَ ۾ سُستي ڪرڻ

کي به مٽڪرينس جي حڪومتي نظام جي ڪمزوري سمجهيو ويو. آخرڪار هُن ائٽنٽئڪ مان ڪوچ ڪيو ته بادشاهت جي جوشيلي ۽ نوجوان دعويدار جي سامهون ٿي ڪيس للڪاري. سندس پنهنجين فوجين ۾ به ڪجهه بي دلي، ڪاهلي ۽ ناراضگي جا آثار نظر آيا، پر جڏهن لڙائيءَ زور ورتو ته [49] سندس بادشاهي محافظن زبردست نظر ضبط ۽ بهادريءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ لڙائيءَ ۾ ڪين واضح برتري حاصل ٿي ۽ سندن جوش ۽ جذبو تعريف لائق هو. باغين جي صِفن ڪي توڙيو ويو، ان وقت شام جي شهزادي جي ماءُ ۽ ڏاڏي ظاهر ٿيا، جيڪي مشرقي رسمن مطابق فوج سان گڏ هيا ۽ اوچتو هڪ ڏِکيل تانگي مان لٿا ۽ سپاهين جون همدرديون حاصل ڪندي سندن هاريل همتن کي به جاڳائڻ ۽ اُنهن کي توانائي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. ائنٽونينس خود، جنهن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪوبه مردانگيءَ جو مظاهرو نه ڪيو هو، پنهنجي مقدر کي سنوارڻ جي ويڙهه ۾ پاڻ کي هڪ جوڌو جوان سڏائڻ جي قابل ٿيو: گهوڙي تي سوار ٿيو ۽ پنهنجن فوجين جي وچ مان ڏُوڪيندو، هڏ ۾ ترار کي گهمائيندو ۽ دشمنن جي وچ ۾ هليو ويو جڏهن ته گٽنيز نالي ڪڙي، جنهن جو ڪر فقط عورتن جي سنيال لهڻ ۽ ايشيا جون نازڪ ۽ نفيس عياشيون مهيا ڪرڻ هو، پنهنجي ڪمال جي جرئت ۽ صلاحيتن جا جوهر ڏيکاريا جو ان لاءِ چيو ويو ته هن هڪ جنرل جي بهادريءَ جا ڪارناما ڏيکاريا هُا. جنگ اڃا جاري هُئي ۽ ڪنهن جي حق يا نقصان ۾ نه هُئي پر ڏري گهٽ برابر برابر هُئي ۽ امڪان اهو ته مٽڪرينس کي شايد لڙائيءَ ۾ سوپ ملي ها جيڪڏهن هو پنهنجي ٿي عزم ۽ حوصلي سان دوکو ڪندي، جنگ مان شرمساريءَ واري پاڇ ڏريعي مُنهن پر نه ڪِري ها. سندس بزدليءَ شايد ڪيس ايتري اجازت ڏني ته هو پنهنجي حياتيءَ جا چند ڏينهن وڌيڪ جيئرو رهي ۽ پنهنجي بدبختي ۽ بدنصيبيءَ تي، پنهنجي ٿي گهُربل ۽ جائز ذِلت جي مُهَر هٽي ڇڏي. اهو ٻڌائڻ شايد ٿي ضروري هجي ته سندس پُٽ ڊائڊومنٽينس سان به مقدر ساڳي تعدي ڪئي. جيئن ٿي بادشاهي محافظن کي يقين ٿي ويو ته هو ان شهزادي لاءِ ٿي وڙهيا جيڪو ڪين به ڇڏي ويو ۽ لڙائيءَ جي ميدان مان به بزدل ٿي پڇي ويو ته اُهي بنادير سوپاري اڳيان هٿيار ڦٽي ڪري پيش پيا. رومي فوجون، جيڪي اڳ هڪ ٻئي جي خلاف ٿي وڙهيون، پاڻ ۾ ڳڏجي، هڪ ٻئي سان پاڪر پائي، ڏڪ ۽ خوشيءَ مان ڪوڙها ڳاڙي، ٻيهر پاڻ ۾ ملي ڪير ڪنڊ ٿي ۽ هڪ ٿي ويون ۽ سيئي ڪُراڪالا جي خيالي پُٽ جي جهنڊي هيٺ متحد ٿي ويا ۽ اوير وارن وڏي خوشي ۽ سرهائيءَ مان ان بادشاهه کي تسليم ڪيو جنهن جو اصل نسل ايشيا جو هو.

سينيٽ ڏانهن لکيل پنهنجن خطن ۾ مٽڪرينس نِماڻائي مان ڪين ٻڌايو ته شام ۾ هڪ دغا باز دعويدار جي ڪارروائين سبب ڪجهه گڙٻڙ ۽ افراتفري جو ماحول پيدا ٿي ويو آهي ۽ فورن هڪ فيصلو ڏنو ويو جنهن ۾ باغي شخص ۽ سندس ڪٽنب کي قومي دشمن ظاهر ڪيو ويو: ۽ سندن گمراهه پيروي ڪندڙن لاءِ معافيءَ جو اعلان ڪيو ويو پر شرط اهو هو ته اُهي ان لائق هوندا ۽ پنهنجي ڊيوٽي ڏيڻ لاءِ بنادير واپس ٿيندا. ائنٽونينس جي فتح جي اعلان ٿيڻ کان پوءِ گذريل ويهن ڏينهن دوران (جو ته انهيءَ مختصر عرصي ۾ ٿي روم جي دنيا جي مقدر جو فيصلو ٿي چڪو هو) گاديءَ جو هنڌ توڙي صوبا ۽ خاص طرح اوير وارا علاقا، اُميدن ۽ خوف خطرن، گوڙ گهمسان وارين وِڪوڙي حالتن سان تباهه حال هُئا ۽ معصوم شهرين جي رت جي پالوٽ سان داغدار پڻ ٿي چڪا هُيا. جو ته اُتي حالتون ايتري ته ابتري واريون ٿي ويون هيون جو ڪنهن به مخالف جيڪڏهن شام ۾ پهچي پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪيو ٿي ته اُهو روم

جي بادشاهت جو حاڪر بنجي ٿي ويو. ظاهري طرح سڀا خطّ، جن ۾ نوجوان فاتحَ فرمانبردار سينيٽ کي پنهنجي فتح جو اعلان ڪندي لکيا هيا، اُنهن ۾ اخلاق ۽ شائستگيءَ جو پرپور مظاهرو ٿيل هو. انهن ۾ مارڪَس * ۽ آگسٽَس جا شاندار مثال بيان ڪيا ويا هيا تہ هُو بہ اُنهن جي سونهري اصولن مطابق هلڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ هن منافقي وارو پر مهذب طريقو اختيار ڪندي لکيو تہ سندس ۽ آگسٽَس جي دؤر ۾ ڪيتري نہ حيرت انگيز هڪ جهڙائي هئي جو پوئين بہ پنهنجي جواني ۽ ٿي هڪ ڪامياب جنگ جوڻي پنهنجي پيءُ جي قتل جو بدلو ورتو هو. پنهنجي حڪومت جا ساڻيا طور طريقا اختيار ڪندي، جيڪي مارڪَس، آريليس ائٽونينَس، ائٽونينس جي پُٽ ۽ سيورَس جي پوٽي اختيار ڪيا هيا، هن واضح طور بادشاهت تي پنهنجي موروثي دعويٰ جو اظهار ڪيو: پر مئجسٽريٽ يا سفارتي ايلچي جا اختيار، جيڪي سينيٽ ڪنهن بہ فيصلي ذريعي ڪيس اڇا تائين نہ سوٺيا هيا، خود حاصل ڪرڻ جي دعويٰ ڪري هن روم جي وقار کي چيهو رسايو هو ۽ سندس خلاف هڪ بدگمانيءَ جو تاثر اُپري پيو هو. آئين جي تقدس جي هي نئين ۽ ڪليل انحرافي شام جي نالائق درٻارين جي جهالت سبب وٽس پهتي هئي يا سندس فوجي سپاهين جي نفرت جو ڪارنامو هو جنهن ذريعي ڪيس گمراهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. [50]

جيئن تہ نئين بادشآهہ جو ڏيان فضول قسر جي تفريحن ڏانهن هليو ويو. هن ڪيترائي مهينا، شام ۽ اتلي جي حالتن ڇاڻڻ جي عياشيءَ ۾ گنوائي ڇڏيا، فتح کان پوءِ پهريون سيارو نِڪوميڊيا ۾ گذاريائين ۽ گاديءَ جي هنڌ ۾ داخل ٿيڻ جي سندس سوڀ واري جشن کي ايندڙ اونهاري تائين ملتوي ڪري ڇڏيائين. سندس آمد کان اڳ سندس هوبهو تصوير جيڪا سندس ٿي حڪر موجب سينيٽ هال ۾ فتح جي قربان گاهہ مٿان سجائي وئي هئي، رومين تي، سندس مُهانبن ۽ اخلاق عادتن جو بيحد برو اثر ڇڏيو. ڪيس سونهري رنگ جي ريشمي پادري واري پوشاڪ پهريل هئي ۽ ان کي وڏي ويڪر ۾ پاتو ويو هو جيڪا فارس ۽ فونيشيا جي فيشن سان ملندڙ جلندڙ هئي: سندس مٿو هڪ وڏي پگهَ سان ڍڪيل هو جنهن تي ڏگهو طرو ڇڏيل هو ۽ سندس قميص جي ڪيترن ٿي ڪالرن ۽ هارن ۾ تمام مهانگا هيرا موتي جڙيل هيا. سندس اڪين جو پنٽيون ڪاريون ڪيل هيون ۽ سندس ڳلن کي ڳاڙهو ۽ اڇو رنگ لڳايو ويو هو. [51] سنجيده قسر جي سينيٽرن هڪ ڏگهو ڏڪو ساهہ پريندي ان حقيقت کي مجيو تہ پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي سخت آمريت ۽ ظلم جي تجربي مان گذرڻ کانپوءِ آخرڪار روم کي مشرقي آمريت جي نِسواني عياشيءَ هيٺ ذليل ڪيو ويو.

ايميسا ۾ سج جي پوڄا اِلاگابئلَس [52] جي نالي ۾ ڪئي ويندي هئي جيڪا هڪ گول ۽ چوٽياري پٿر هيڻان ٿيندي هئي جنهن بابت اهو آفاقي عقيدو هو تہ اهو پٿر ان پاڪ جڳهہ تي بهشت مٿان نازل ٿيو هو. ائٽونينَس پنهنجي تخت تي ويهڻ جو ڪرشمو هن ديوتا سان ڳنڍي ٿو جنهن ۾ سندس طرفان ڪو نہ ڪو سبب ضرور هوندو. وهمن وسوسن سان لاڳاپيل احسانمندي بجا آڻڻ سندس حڪومت جو نهايت ئي سنجيدو پيشو رهيو هو. دنيا جي سڀني مذهبن مٿان ايميسا جي ديوتا جي عظمت سندس جذبن ۽ اجائي وڏائيءَ جو محبوب موضوع هيو: الاگابئلَس جو لقب (جو تہ هن سمجهو تہ مڪيہ پادري جي حيثيت ۾. اهو مقدس لقب اختيار ڪرڻ هن لاءِ بهتر هو جيڪو سندس پسنديده پٽ هيو) ڪيس سينيٽ بادشاهي اعزازن کان وڌيڪ پيارو هو. روم جي گهٽين ۾ هڪ مانائتي جلوس ۾، سڄي رستي تي سونَ جو ٻُورو هاريو ويو ۽ ڪاري پٿر کي قيمتي هيرن سان جڙي انکي هڪ وڪٽوريا بگيءَ ۾ رکيو ويو جنهن کي

چهَن کيرَ جهڙن آڇن گهوڙن تي هلايو ۽ سيئي گهوڙا سهڻي ۽ نازڪ نموني سان سنجيل هيا. نيڪ بادشاهہ گهوڙن جي لغامن کي هٿ سان جهليو، ۽ سندس وزيرن هنجي مدد ڪئي، گهوڙن کي آهستگيءَ سان پنڌتي ڇڪيائين تہ جيئن هو خدائي موجودگيءَ مان دائمي فيض حاصل ڪرڻ جي سعادت ماڻي سگهي. پئليٽائن جبل تي آڏاول هڪ شاندار مندر ۾ اِلاگابئلَس ديوتا جي قربانين کي وڏي ڏوم ڌام ۽ شانائتي نموني سان ملهايو ويو. عمدي قسم جا شرابَ ۽ بيحد نايابَ جاندار ۽ تمام آڏ لپ مهڪارن جي خوشبو جا نمونا سندس قربان گاهہ تي استعمال ڪيا ويا. قربان گاهہ جي چوڪرد، شام جي سهڻين ۽ الهڙ ڇوڪرين گڏجي بربرن جي موسيقي جي سازن تي شهواني ناچ پيش ڪيا، جڏهن تہ رياست جا تورڙي فوج جا تمام مکيہ ماڻهو جن کي فونيشيا جا چوغا ۽ لباس پاتل هئا، بازاري قسم جي تقريب ۾ موجود هيا ۽ اُنهن جي چهرن منجهان مصنوعي جذبي ۽ ڳجهي ناراضگي جا واضح انديشا نظر اچي رهيا هيا.[53]

بادشاهہ جي هڪ مٽي ڀريل ماڻهوءَ هن مندر مان، جيڪو ماڻهن لاءِ عبادت جو هڪ عام مرڪز هو، هڪ بهشتي پليٽ * ۽ پالسَ جو بُت [54] ۽ ٻيون. مقدس امانتون جيڪي نُوما (Numa) جي مذهب سان تعلق رکنديون هيون، اُنهن کي اُتان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي. گهٽ مانَ وارن ديوتائن جو جدا جدا رُتبن وارو هڪ هجوم، ايميسا ديوتا جي حضور حاضريون پريندو رهندو هو، پر هنجو گهر تيستائين مڪمل نہ هو جيستائين هڪ وڏي مرتبي واري عورت سندس بستري جي زينت نٿي بڻجي. پهريون پالسَ کي چونڊيو ويو تہ هو سندس ساڻ ڏئي، پر پوءِ اهو انديشو ڪيو ويو تہ سندس جنگ جهيڙا، خوف خطرا متان شام جي ديوتا کي ڊيڄاري ڇڏين تہ چند، (Moon) جنهن کي آفريڪا جا ماڻهو ائسٽارٽ جي نالي پوڄيندا هئا، کي سِج (Sun) جي بستري جي ساڻ لاءِ نهايت ئي مناسب ۽ موزون سمجهيو ويو. سندس مورتي، جنهن ۾ شاديءَ ۽ ٻي حصي کي مندر جون عقيدتون ۽ نذرانا ڏنل آهن، کي وڏي عقيدت ۽ احترام، خوشين ۽ شادمانن سان ڪارٿيج کان روم آندو ويو ۽ جنهن ڏينهن تي هي رمزَ واري شادي ٿي، ان ڏينهن تي گاديءَ جي هنڌ تورڙي سڄي بادشاهت ۾ هڪ عام جشن ملهايو ويو. [55]

هڪ عياش يا شهوَت پرست شخص ۾ جيڪڏهن باشعور آهي تہ اُهو فطري اعتدال جي رجحانن جي قانون ۽ قدرتي لاڙن جي عزت ڪوڪري ۽ عقل ۽ فهم جي شُڪر گذاري ڪو ڪري، سماجي لاڳاپا وڌائي ٿو، پنهنجن رشتن ناتن کي مضبوط ڪو ڪري ۽ پنهنجي پسند ۽ خيالي دنيا کي ۾ وٽندڙ سطح تي ڪو رکي. پر الاگابئلَس (آڻ، ان نالي جي بادشاهہ بابت پيو ڳالهايان) جنهن کي سندس جواني، ملڪَ ۽ بختَ بگاڙي ڇڏيو هو، پاڻ کي فقط بي لغام عياشين جي حوالي ڪري ڇڏيو هيائين ۽ مزن ماڻڻ جي دوَران ٿي ڪيس ڏَوُ ۽ ڪاوڙ جو تاثر پاڻ کان ٿي مليو. فن ۽ تخليق جون جذبات پڙڪائيندڙ قوتون سندس خدمت ۾ حاضر ڪيون ويون. بيشمار البيليون عورتون، قِسمين قِسمين شراب ۽ طعام، چٽڻيون ۽ مُربا ۽ طرحين طرحين طبيعتون اچي گڏ ٿيون تہ سندس طلب ۽ اشتها جيڪا ڪمزور ۽ ناتوان ٿي ڇڪي هئي، ان کي توانائي ۽ تازگي ملي سگهي. سندس مخصوص ڪرتبن لاءِ نوان اصطلاح ۽ نيون ايجادون گهڙجي ويون جن جي ڄاڻ فقط بادشاهہ کي هئي جو تہ انهن جي سرپرستي ۾ سندس ٿي ذمي هئي: [56] اهڙن ٿي ڪارنامن لاءِ سندس حڪومت مشهور هئي جن جو بدناميءَ وارو ڏينهوروو نہ رڳو سندس پر ايندڙ وقتن ۾ ۽ گردش ڪندو رهيو.

سونهن. نزاکت ۽ پسند جي کميءَ جو پورائو بيقاعدگي واري فضول خرچيءَ ذريعي کيو ويو ۽ جڏهن الاگابئلس عوام جي خزاني کي مثالي فضول خرچي ۽ بيدرديءَ سان لُٽي رهيو هو ته سندس آواز سان گڏ سندس خوشامدڙين ۽ چاپلوسن جون صدائون به کين ساراهڻ ۽ داد ڏيڻ ۾ گڏجي پيون ته سندن سخا ۽ درياهه دلي ايتري ته بي مثال هئي جيکا سندن اڳين جانشينن جي وهر گمانَ ۾ به نه هئي. موسمن ۽ فضائن جي فطري سرشتي کي [57] ابتو ڪرڻ، رعيت جي جذبن ۽ اُنهن جي عقيدن سان کيڏڻ، شرافت، شائستگي ۽ فطرت جي هر قانون کي ناڪام بنائڻ جي کوشش ڪرڻ، سندس طبيعت کي تفريح پهچائڻ جي گهٽن اِسمن منجهان کجهه هئا. سُريتن جي هڪ ڏَڪ، جلدي جلدي زالون پرڻجڻ جو لڳاتار سلسلو جنهن ۾ هڪ نديي ۽ ڪنواري ڇوڪري به هئي جنهن کي سندس مقدس پناهه گاهه مان [58] زبردستي اغوا ڪري سندس عصمت تي ٽِڪو لڳايو ويو هو: پوءِ به ڇڻ اهي سيئي سلسلا سندس نامرديءَ جي خواهشن * جو پورائو ڪرڻ لاءِ ناڪافي هئا. روم جي دنيا جي مالڪ هاڻي عورتاڻي فيشن ۽ روَين کي اختيار ڪرڻ شروع کيو. يعني عورتاڻا ڪپڙا ۽ ڊريسون پائڻ شروع ڪيائين، شاهي ڪَڪ يا لٽ جي بجاءِ عورتاڻي پشر جي ڏاندي هٿ ۾ کڻڻ پسند ڪيائين، نه رڳو ايترو پر اهڙين زناڻين شين کي سڄي بادشاهت ۾ ورهائي، وڏن اميرن ۽ مرتبي وارن ماڻهن جي بيعزتي ڪيائين، پر کجهه تحفا پنهنجن عاشقن کي به ڏيارڻ موڪليائين، جن مان هڪڙي کي، ماڻهن جي ميڙ جي سامهون، بادشاهه جي، يا جيئن هُن پاڻ پنهنجي لاءِ ظاهر کيو بادشاهه زادي جي مڙس جا اعزاز ۽ اختيار کيس ڏنا ويا. [59]

ان ڳالهه جو امڪان ئي سگهي ٿو ته الاگابئلس جي براين ۽ حماقتن کي تصوراتي نموني چمڪايو ويو آهي ۽ تعصب مان اُنهن کي اونداهو کيو ويو آهي. [60] پر جيڪڏهن اسان رڳو عوامي مشاهدن کي بيان ڪريون جيکي روم جي ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ عام منظر تي آيا ۽ جن کي ان وقت جي مشهور مؤرخن بيان کيو آهي، ته ان مطابق، اهڙن واقعن سندن نِيڇائي ۽ ڪمينگيءَ کي ايترو ته واڪو کيو آهي جيکو بيان جي دائري ۾ نٿو اچي سگهي ۽ جنهن جي ذلتَ، تاريخ جي هر دوَر ۽ هر ملڪ کان اڳتي وڌي وئي آهي، اوير جي حاڪر جي سلسلي ۾ اهڙي اجازت انڪري غير اهم آهي ته اُها صورتحال ڪُنڀائتي ۽ تجسُس وارين نظرن کان اوجهل آهي، ۽ حرم سراءِ جون ديوارون ايتريون ته وڏيون آهن جو اُتي ڪوبه پهچي نٿو سگهي. وقار ۽ بهادريءَ جي جذبن خوشيءَ واري نفاست ۽ سُونهن کي عام ڪيو آهي ۽ عوام جي خيالن ۽ نظرين لاءِ احترام کي جديد يورپ جي ڪورٽن ۾ به متعارف ڪرايو آهي؛ پر روم جي انتهائي بگڙيل ۽ دولتمند معتبرن پنهنجين براين ۽ بچڙاين جي لطف وڙائڻ ۽ پاڻ کي خوش ڪرڻ لاءِ هين قومن ۽ روَين ۾ جيکو کجهه کين مليو ته اُهو سڀ کجهه پاڻ وٽ مهيا ڪري ڇڏيو آهي. هر سزا کان محفوظ، هين جي نفرتن کان بيپرواهه، اُهي بغير کنهن روک ٽوڪ جي، سانت ۽ نِيڇائيءَ سان پنهنجن غلامن ۽ مفت خورن سان رهيا. پنهنجي طرفان بادشاهه به، رعيت جي سيني ماڻهن سان ساڳيو نفرت وارو ورتاءُ ڪندي ۽ بغير کنهن ضابطي جي پرواهه ڪندي پنهنجين عياشين ۽ شهواني شغلن ۾ مست مگن رهيو.

انسانذات جا انتهائي بيڪار ۽ نالائق ماڻهو به هين ماڻهن کي، اُنهن ساڳين براين ۽ عيبن تي نِندڻ کان نٿا ڏِڻ جيکي اُنهن جي پنهنجي ذات ۾ جهجهي انداز ۾ ملن ٿا: ۽ آساني سان کو عمر، ڪردار يا مرتبي جو فرق ڳولي ڪڍن ٿا ته جيئن پنهنجي ڳالهه کي ميڙائي سگهن. شهواني ڪمن ۾ مبتلا سپاهين، جن ڪُراڪالا جي بدڪار

پُٽ کي تخت تي ويهاريو. پنهنجي خبائت واري انتخاب کرڻ تي بيحد شرمسار ٿيا ۽ پوءِ خود ٿي ان راکاس شخص کان کاوڙ ۾ پاسيرا ٿي ويا ۽ خوشيءَ مان ميميا جي بااخلاق پٽ سڪندر (Alexander) کي مٿي کرڻ جو سوچيائون جيڪو سندس سؤٽ هو. ميسا جيڪا وڏي مڪار ۽ چالاک هئي، اِهو سمجهندي ته سندس پوٽو الاگابئلس پنهنجين ئي براين سان آخرڪار پاڻ کي تباهه ڪندو پنهنجي خاندان جي هي فرد لاءِ پنهنجي يقيني مدد جو انتظام ڪيو هو. مناسب موقعو هٿ ڪري، پاڻ ارپڻ ۽ اشتياق واري جذبي سان، هن نوجوان بادشاهه کي قائل ڪيو هو ته هو سڪندر کي پنهنجو ڪري اختيار ڪري ۽ ڪيس سيزر جي لقب سان نوازي ته جيئن سندس خدائي عشق ۽ لاڳاپا زميني معاملن سبب متاثر نه ٿين. هي نمبر جي رتبي تي پهچڻ کانپوءِ، وٽندڙ طبيعت واري شهزادي سان ماٺهن جي محبت ٿي وئي، ان ڳالهه آمرَ جي حسد ۽ ساڙ کي اُپاريو. جنهن ان مقابلي واري فضا جو خاتمو آڻڻ جو سوچيو ته هُو يا ته هُن جي عادتن کي اهڙو بگاڙي جو ماٺهو کانئس نفرت کرڻ لڳن، يا وري پنهنجي مخالف جي زندگي جوئي خاتمو آڻي ڇڏي. سندس چالون ناڪام ٿيون. سندس سازشون، سندس ئي بکواس کرڻ جي حماقت سبب مسلسل ماٺهن تائين ڳلنديون ۽ پهچنديون رهيون. جن کي اُنهن نيڪ ڪردار ۽ وفادار نوڪرن بلڪل بي اثر بنائي ڇڏيو جن کي ميميا سندس پُٽ جو هٿ سنيال ۽ نگراني کرڻ لاءِ سؤنپيو هو. جنهن اوچتي خيال جي اوبر سبب، الاگابئلس هاٿي اُهو ڪجهه زور ۽ زبردستيءَ سان کرڻ جو پڪو پَهُ ڪيو جيڪو هو هن وقت تائين دوکي سان حاصل نه ڪري سگهيو هو، ۽ هڪ آمرانه فيصلي جي ذريعي پنهنجي سؤٽ کي بيعزتوڪندي، کانئس سيزر جو عهدو ۽ اعزاز واپس وٺي ڇڏيائين. سينيٽ، ان خبر پهچڻ تي خاموش رهي پر جڏهن اهو پيغام فوجي ڪئمپ ۾ پهتو ته فوجين کي سخت کاوڙ آئي. شاهي محافظن قَسم کنيو ته هو سڪندر جي حفاظت ڪندا ۽ تخت جي بيحرمتيءَ جو بدلو ونندا. ڪنبندڙ الاگابئلَس جا ڳوڙها ۽ واعدا، جنهن هاٿي کين منٽون ٿي ڪيون ته فقط سندس جان بخشي ڪن ۽ ڪيس سندس معشوق هيروڪلس جي هٿن ۾ ڇڏي ڏين: ان تي سندن ناراضگيءَ جي حدَ نه رهي ۽ اُنهن پاڻ کي ان ڳالهه تي راضي ڪيو ته پنهنجن مُنهندارن جو توجه ڇڪرايائون ته هڪ ته سڪندر جي حفاظت جو خيال ڪن ٻيو بادشاهه جي نيچ ڪردار تي ڏيان ڏين.[61]

اهو ناممڪن هو ته اهو سرچاءُ گهٽو وقت هلي سگهي يا وري الاگابئلَس ڪيتري به ڪمينگيءَ جي هيناهين سطح تي به هليو وڃي ته به هو بيعزتيءَ سان هين تي پاڻيندڙ ٿي ڪيترو وقت بادشاهت کي هلائي سگهندو. هن فورن هڪ خطرناڪ تجربي کرڻ جي ڪوشش ڪئي ته فوجين جي مزاج جو اندازو لڳائي. سڪندر جي موت جو افواهه اُٽي پيو ۽ نتيجي ۾ سيني کي لازمي قتل جو شڪ ٿيو ۽ سندن اڳيئي دکيل جذبن کي ڀيڙ جيان پڙڪائي ڇڏيو. ۽ ڪئمپ ۾ آيل طرفان کي ماٺهن ۾ مقبول نوجوان جو اختيار ٿي ماناڙو ڪري ٿي سگهيو. سندس سؤٽ جي نئين تعريف لائق قدر تي هو سندس وڏيڪ ويجها ٿيا ۽ اوتري ئي سندن نفرت بادشاهه لاءِ وڌي وئي، جنهن هن بلوي ۾ شامل ڪجهه ماٺهن کي سزا جو حڪر ڏنو. بغير موقعي وارو سندس سخت روَيو، خود سندن چمچن، سندس ماءُ ۽ سندس پنهنجي لاءِ موتمار ثابت ٿيو. الاگابئلس کي ناراض محافظن قتل کري ڇڏيو، سندس خراب ٿيل لاش کي شهر جي گهٽين ۾ گهليو ۽ بعد ۾ تائبر ۾ اڇلايو ويو. سندس ياد کي دائمي ذلت جي داغَ سان تعبير ڪيو ويو ۽ ان اِنصاف واري فيصلي کي ساراهيندي بعد واري نسل به ان جي منظوري ڏئي ڇڏي.[62]

الاگابئلس جي ڪمري ۾ سڪندر کي مٺاهون بنائي، بادشاهي محافظن تخت تي ويهاريو. سيورس جي خاندان سان، جنهن جو نالو هن اختيار ڪيو سندس تعلق ساڳيو ئي هو جيڪو سندس اڳئين جانشين جو هو. خطري جي گهڙيءَ ۾ سندس اخلاق، اڳي ئي ڪيس رومين ۾ مقبول بنائي ڇڏيو هو ۽ سينيٽ جي فراخ دليءَ واري خواهش مطابق ساڳي ئي ڏينهن تي سيپٽي اعزاز ۽ لقب ڪيس سؤنپي ڇڏيائون جن ذريعي بادشاهي وقار اڳيا وڌيڪ بُلند ۽ مانائتو نظر اچي.[63] پر جيئن ته سڪندر هڪ شانائتو مائيٽو ۽ ڊيوٽي جو پابند ۽ اڳا فقط سترهن سالن جو هو، حڪومت جون واڳون هن عورتن يعني سندس ماءُ ميميا ۽، سندس ڏاڏي ميسا جي هٿن ۾ هيون. پوئينءَ جي موت ڪانپوءِ، جيڪا سڪندر جي تخت نشينيءَ ڪان پوءِ ٻوروئي وقت جيئري رهي، ميميا پوءِ اڪيلي سر بادشاهت جي توڙي پنهنجي پٽ جي نائب حاڪر رهي.

هر ملڪ ۾ ۽ هر دؤر ۾، مرد ۽ عورت ۾ جيڪو وڏيڪ سياڻو يا ائين ڪٽي چئجي ته وڏيڪ طاقتور هوندو ته رياست جي اختيارن تي اُهو قبضو ڪري وٺندو آهي ۽ ٻي ڪي گهُرو ۽ خانداني معاملن جي سنيالَ ۽ خوشيون ميسر ٿيندين آهن. موروثي بادشاهتن ۾ ۽ خاص طرح جديد يورپ ۾، جرئت واري بهادري ۽ وراثت جي قانون اسان کي ان قابل بنايو آهي ته هڪ تمام نمايان مثال قائم ڪريون، ۽ عورت کي گهٽو ڪري ڪنهن به وڏي بادشاهت جي پريور حاڪم تسليم ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ ڪيس ان لائق نه سمجهيو ويندو آهي ته هوءَ شهري توڙي فوجي نوڪرين ڏيڻ يا پرتي ڪرڻ جو اختيار رکي. پر جيئن ته روم جي بادشاهن کي ساڳي وقت تي جمهوريه جو جنرل ۽ مئجسٽريٽ جو درجو به هوندو هو، پر سندن زالن يا مائرن جي، توڙي ڪٽي ڪين آگسٽا جو خطاب به ڏنو ويندو هو، ذاتي خطابن کي حڪومتي معاملن سان هرگز نه ملايو ويندو هو ۽ هڪ عورت جي حڪومت، روم جي اوائلي ماڻهن کي هڪ اهڙو عجيب وغريب واقعو نظر اچي ها جنهن جو ڪفارو به ادا نه ٿي سگهي ها ۽ پوءِ محسوس ائين ٿئي ها ته اُنهن پيار ڪان سواءِ يا وري نفاست، محبت ۽ عزت جي جذبن ڪان بغير شاديون ڪيون هيون.[64] مغرور ائگريپينا، * بادشاهت جا اعزاز پنهنجي پٽ جي حوالي ڪري هن سان گڏجي حڪومت هلائڻ ٿي چاهي، پر سندس جنوني خواهش کي، جنهن ڪان رعيت جي هر ماڻهو نفرت جو اظهار ڪيو هو ته ڪين روم جي وقار کي برقرار رکڻ جو وڏيڪ اونهو سينيڪا ۽ برهسَ[65] انکي چالاڪي ۽ ارادي جي مضبوطيءَ سان ناڪام بنائي ڇڏيو هو. بعد وارن شهزادن جي حڪمت عملي يا عدم توجهي، سندن رعيت جي جذبن ۽ عقيدن کي زخمي ڪرڻ ڪان پاڻ کي پري رکيو ۽ اهو بدناميءَ وارو اعزاز جن بداخلاق الاگابئلس لاءِ وقف ٿيل هو جو هن پنهنجي ماءُ سومياز جي نالي ۾ سينيٽ جي عزت کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو، سندس عهدو ايلچين جي برابر هوندو هو ۽ هڪ باقاعدي ميمبر هجڻ جي ناتي قانون ساز اسيمبلي جي فيصلن ۾ راءِ ڏيڻ جا حق به کيس حاصل هيا. سندس دوراندیش پيڻ ميميا فضول ۽ نفرت جهڙن اجاين فائدن وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ هڪ مضبوط قانون پاس ڪيو ويو. جنهن جي عمل ۾ اچڻ ڪانپوءِ عورتن کي هميشه واسطي سينيٽ کان ٻاهر رکيو ويو ۽ هن اُنهن ديوتائن ڏي وڏيڪ ڏيان ڏنو جيڪي نحوست جي دائري ۾ ٿي آيا جن ۾ اُنهن جو وڏو ديوتا به شامل هو ۽ هن نياڳ جي دائري جي ڇڪڙي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن ديوتائن کي تڪليفن کان آجو ڪري سگهي.[66] اختيارن جي نمائش جي بجاءِ اُنهن جو صحيح استعمال، ميميا جو مردانگيءَ وارو عزم هو. هن هڪ مڪمل ۽ پائدار بادشاهت جو مضبوط تصور پنهنجي پٽ جي ذهن ۾ وجهي ڇڏيو هو ۽ پنهنجي پٽ سان سندس ايترو ته پيار هو جو

سندس ڪنهن ۾ مخالف کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي. سندس صلاحَ سان سڪندر هڪ وڏي امير جي ڏيءَ سان شادي ڪئي، پر سندس سهُري لاءِ عزت ۽ شهزاديءَ لاءِ پيار ميميا جي نفاست ۽ سندس اُميدن سان مطابقت رکندڙ نه نڪتو. اميرَ کي غداري جي الزام ۾ موت جي سزا ڏني وئي ۽ سڪندر جي زال کي محل مان بيعزتو ڪري تڙيو ويو ۽ ملڪ نيڪالي ڏئي ڪيس آفريڪا اُماٽيو ويو. [67]

حسد ۽ ظلم جي هن مثالَ ۽ ڪجهه لالچ ۽ حرص جي ٻين واقعن جن جا ميميا مٿان الزام آهن، ان جي باوجود ۾ سندن انتظام هلائڻ جو عمومي طريقو سندس پٽ تورِّي بادشاهت جي فائدي لاءِ هو. سينيٽ جي رضامنديءَ سان هن سورهَن ٻيحد عقلمند ۽ باڪردار سينيٽرن جي چُونڊَ ڪئي نه رياست جي لاءِ اُهي دائمي صلاحڪار جو ڪم ڪن، جن آڏو عوام جي ڀهبود ۽ بهتريءَ جي موجوده مسئلن تورِّي اسڪيمن تي بحث مباحثو ۾ ٿيندو هو نه ٻيون ڇگائيءَ جون ڳالهيون ۾ طئي ڪيون ويندڙون هيون. وڏي شهرت رکندڙ اُلپين، جيڪو، روم جي قانون بابت ڄاڻ ۽ مهارت رکڻ سبب، سدائين عزت جي نظرن سان ڏٺو ويندو هو ۽ سندن وڏو ۾ هو نه اهڙن اميرن جي گڏيل دوراندیشيءَ واري حڪمت عملي، حڪومت جي قاعدي قانون جي راڄَ ۽ ساکَ کي ٻيهر بحال ڪري ڇڏيو. جيئن ئي اُنهن شهر کي ڏارين وهمن وسوسن ۽ عياشين کان صاف ڪيو ۽ اِلاگابئلس جي آمريت جي ٻچيل آثارن کان ۾ شهر کي پاڪ ڪيو نه هاڻي اُنهن هر ڪاتي ۽ هر محڪمي مان سندس طرفان رکيل نالائق انسانن کي ٻاهر ڪيڻ جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو ۽ اُنهن جي جڳهه تي اهليت رکندڙ ۽ سڻي ڪردار وارن ماڻهن کي پرتي ڪيو ويو. علم سان عشق ۽ انصاف سان محبت کي شهري عهدن لاءِ ٻيحد اثرائتي سفارش سمجهي ان کي مڃيو ويو، جڏهن نه بهادريءَ جي وصفن ۽ نظم ۽ ضبط سان ڇاهت کي فوج جي ملازمت لاءِ بهترين لياقت ۽ اهليت سمجهيو ويو. [68]

پر جيڪو ميميا ۽ سندس صلاحڪارن وڏي ۾ وڏو خيال ۽ احتياط رکيو نه اُهو هو بادشاهه جي ڪردار کي صحيح رُخَ ۾ هلائڻ جو، جنهن جي ذاتي اخلاق عادتن تي روم جي دنيا جي خوشين ۽ ڏکن، تورِّي بهتري يا بربادیءَ جو سڄو دارومدار هو. سندس طبيعت جي زمينَ ايتري نه سڻي ۽ موافق هئي جو ان ۾ڻ دعوت ٿي ڏني نه جيڪو ۽ اُن ۾ پوکيو نه اُهو فصل ڏاڍو سڻو ٿيندو* سندس عقلمند ذهن سڪندر کي سڻي ڪردارَ، علم جي آسائش ۽ محنت جي ضرورت ۽ عظمت جو يقين ڏياريو. سندس مزاج جي نرمي ۽ طبيعت جي اعتدال پسنديءَ کيس جذبات ۽ اُمنگن جي حملن ۽ براين جي ڪشش کان محفوظ رکيو. ماءُ جي لاءِ سندس لرزو نه ڪائيندڙ احترام ۽ اُلپين جي لاءِ عزت، سندس ناتجربيڪاريءَ جي جواني ۽ جي باوجود، منجهس خوشامد ۽ چاپلوسيءَ جي زهر اوتجڻ کان ۽ کيس بچائي ڇڏيو.

زندگيَ جي روزمرهه جي ڪاروبار ۽ مصروفيتن ۾ ۽ بادشاهه، ڏاڍي خوش ڪندڙ ۽ اطمينان بخش تصوير [69] سان ڇڻو ٿي سامهون اچي ٿو: ۽ جيڪڏهن مختلف ۽ متضاد عادتن جي اثر انداز ٿيڻ جو انديشو ۽ هجي تڏهن ۽ سندس ڪردار، جديد شهزادن طرفان ڪاپي ڪرڻ جهڙو هو. سڪندر صبح جو سوير اٿندو هو، اٿڻ کان پوءِ سندس پهريون ساعتون هنجي ذاتي عقيدت جي نذراني پيش ڪرڻ جي لاءِ وقف هونديون هيون: ۽ سندس گهر ۾ جيڪا ننڍي ڳرجا هئي، ان ۾ بيشمار بُت سندس پسنديده ۽ اُنهن سورمن جا هوندا هيا جن انساني زندگي کي وڌيڪ بهتر ۽ سٿلي بنائڻ لاءِ پنهنجين پرپور ڪوششن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي هئي ۽ اهڙيءَ طرح سندن پويان ايندڙ نسلن وٽ عزت،

آبرو ۽ مانُ ماڻيو هو. پر جيئن ته هن انسانذات جي خدمت ڪرڻ کي ئي "ديوتائين وٽ قبول ٿيندڙ عبادت" ڪوٺيو هو، ته هو پنهنجي صبح وارو گهٽو وقت ڪائونسل کي ڏيندو هو جتي هو ماڻهن جا معاملا ۽ مسئلا وڏي غور سان ٻڌندو هو. اُنهن جا سبب پڇندو هو ۽ وڏي سکون ۽ ڪُلئي ذهن سان جيڪو سندس ننڍي عمر جي مقابلي ۾ وڏيڪ تجربيڪار ۽ پختو ئي نظر آيو. ويهي فيصلا ڪندو هو ۽ اُلجهيل معاملن کي ويهي نبيريندو هو. روزمرهه جي ڏُڻ ۽ مسئلن کان جڏهن سندس دماغ ٽڪجي پوندو هو ته پوءِ هو ادب ڏانهن رجوع ئي ويندو هو ۽ روزانو ٻين مصروفيتن مان وقت ڪڍي پسنديده شاعري کان محظوظ ٿيندو هو. تاريخ جو مطالعو ڪندو هو ۽ فلسفي جا ڪتاب پڙ غور سان پڙهندو هو. ورجل، هورئس، افلاطون ۽ سِسيرو جي رعيتي راڄ جا ڪتاب سندس مطالعي هيٺ رهندا هئا ۽ سندس سوچ جي محوَر کي وسيع ڪرڻ ۾ مددگار ۽ انسان جي عظمت کي سمجهڻ ۽ حڪومت کي بهتر هلائڻ ۾ هن لاءِ فائديمند ثابت ٿيندا هئا. سندس جسماني ورزشن هنجي دماغ کي به تازگي بخشي، ۽ سڪندر جيڪو قدَ جو ڊگهو، ڏُڙتيلو ۽ سڳهارو هو، ڪسرتن ۽ ورزشن جي فن ۾ به پنهنجن هڪ جيڏن ۽ ساڳي عمر جي ماڻهن کان گوءِ ڪٽي ويندو هو. روزانو وِهنجي سِهنجي تازو توانو ئي ويهندو هو ۽ رات جو هلڪي ماني کائيندو هو. وري هي صبح جو نئين عزم ۽ حوصلي سان معمول جي ڪاروبار کي شروع ڪندو هو ۽ رات جي مانيءَ تائين جيڪا رومين جو خاص کاڌو هوندو هو، ان کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ سندس سيڪريٽري وٽس پهچي ويندو هو، جنهن سان ويهي هو ڪيترائي خط پڙهندو هو ۽ اُنهن جا جواب ڏيندو هو: ڪيترين ئي درخواستون ۽ اپيلون، دنيا جي وڏي ۾ وڏي حصي جي مالڪ وٽ غور ڪرڻ ۽ فيصلي لاءِ پهچنديون هيون. سندس ٽيبل سادگيءَ سان سجايل هوندي هئي ۽ جڏهن به سندس ذهن تي ڪمن ڪارن جو گهٽ وزن هوندو هو ۽ ڪيس سوچڻ جو آزادانه موقعو ملندو هو ته پوءِ ان سادي مانيءَ تي پنهنجن ٽورڙن دوستن، جيڪي پڻ علر ۽ اخلاق جا صاحب هوندا هئا، ڪي ڪُهرائي وٺندو هو. اُنهن ۾ اُلپين بهرحال ضرور هوندو هو. سندن ڳڻتگو خوشگوار ۽ مانائتي هوندي هئي ۽ ان وچ ۾ جيڪي ٽورا وقفا ايندا هئا ته اُنهن ۾ وري تڏهن لُطف ۽ تازگي ايندي هئي جڏهن کو ان وقفي ۾ پسند جو شعر پڙهي وٺندو هو. ۽ ڪڏهن ڪڏهن ناچ، ڪل پوڳ ۽ ترار بازي جي ڪرتبن جو به وارو ايندو هو جن کي وري وڏا مالدار ۽ شاهوڪار رومي [70] رات جي مانيءَ جي وقت پاڻ وٽ گهرائيندا هيا. سڪندر جو لباس صاف ۽ سادگي وارو هوندو هو. سندس طبيعت دوستاڻي ۽ جڳ وٺندڙ هئي. ڪجهه وقت لاءِ سندس محلات رعيت جي سيني ماڻهن لاءِ ڪُلندو هو. پر هوڪي ڏيندڙ جو آواز يونان جي "اِليوسينين راز" (Eleusinian mysteries) وانگر منجهائيندڙ هوندو هو جيڪو هِن قسر جي دڙڪي سان ماڻهن کي زور سان ڏنيورو ڏيندو هو: "ڪو به هنن مقدس ديوارن اندر تيستائين نه گهڙي، جيستائين پاڪ ۽ معصوم ذهن جي سچائپ وٽس ناهي." [71]

زندگي جو اهڙو ۽ هڪ جهڙو روَيو جنهن ۾ ڪنهن به حماقت يا برائيءَ جي ننڍي جڳهه به قطعي ۽ ڪٽي به کائه هئي، سڪندر جي ڏاهپ ۽ انصاف واري حڪومت جو بهترين ثبوت آهي ۽ جنهن ۾ لئمپرائيڊيس طرفان گڏڪيل فضول تفصيلن ۽ اجاين ڳالهين جي ڪابه گنجائش نه آهي. ڪموڊس جي تخت تي ويهڻ کان وٺي، رومي دنيا چاليهن سالن دوَران چٽن آمرن ۽ ظالمن جون لڳاتار ۽ قِسمين قِسمين برايون ڏٺيون ۽ آزمايون. الاگابئلس جي موت کان، تيرهنَ سالن تائين سانت ۽ سکون جو پاڻ وارو دوَر رهيو. صوبن تي جيڪي ٽٽڪس ڪٽراڪالا ۽ سندس مصنوعي

پٽ مڙهيا هُيا. اُنهن کان کين نجات ملي ۽ هاڻي هو مئجسٽريٽن جي اَمن ۽ خوشحاليءَ جي انتظام هيٺ سُکَ جو ساهه کڻي رهيا هيا چو ته کين احساس هو ته جيڪڏهن بادشاهه سلامت کان رعايتون ۽ ان جي شفقت حاصل ڪرڻي آهي ته ان کان پهريون رعيت جي محبتن ۽ پيار کي وڌيڪ بيحد ضروري ۽ اڳتي وڌڻ جو پهريون ڏاکو آهي. روم جي ماڻهن جي معصوم خوشين ۽ عياشين تي نرم قسر جون پابنديون لڳايون ويون هيون ته وري ساڳي. وقت کاڌ خوراڪ جي شين جون قيمتون ۽ پٽسن تي وياج جا اڳهَ به سڪندر جي شفقت سبب جيڪا سندس "رعيت جي پيءُ" برابر هئي، گهٽايا ويا. سندس دوراندیشيءَ واري فراخ دليءَ ذريعي رعيت جي تفريح ۽ کين گهربل وِندر وِرونهَن جو سامان به مهيا ڪيو ويو هو جنهن ۾ ڪنهن کي به تڪليف هرگز نه پهچائي وئي. سينيٽ جي مرتبي، آزادي ۽ ان جي اختيارن کي مڪمل طرح بحال ڪيو ويو. ۽ هاڻي هر سينيٽر بادشاهه تائين بغير ڪنهن خوف خطري جي پهچي پٽي سگهيو.

ائنٽونينَس جو نالو، جنهن کي پيَس ۽ مارڪَس وڏيڪ مانائتو بنايو هو، اختيار ڪرڻ جي سلسلي ۾ بدڪار ويرَس ۽ بعد ۾ ڪموڊس کي پڻ آڇيو ويو هو. اهو نالو سيورَس جي پٽن لاءِ عزت وارو لقب بڻجي ويو. اهو نالو نوجوان ڊائڊومنيئنَس تي به رکيو ويو جيڪو آخرڪار ايميسا جي وڏي پادري وٽ بدناميءَ جو باعث بنجي ويو. سڪندر کي، توڙي جو غور فڪر ڪرڻ بعد، خلوص ۽ احترام سان، سينيٽ منت ڪئي ته اهو لقب اختيار ڪري، پر هن شاهاڻي وقار سان ان کي اختيار ڪرڻ کان اهو چوَندي انڪار ڪيو ته 'اُڏاري نالي جي چمڪڻ سان انسان نه چمڪندو آهي' پر پنهنجي سموري دوُر ۽ ذاتي ڪردار ذريعي هن چاهيو ٿي ته جيڪي اصل ائنٽونٽز [72] هيا، اُنهن جي عظمت، رواداري ۽ خوشحاليءَ جي دوُر کي بادشاهت ۾ واپس موٽائي اڇي.

سڪندر جي شهري انتظام ۾، عقل ۽ دانشمنديءَ کي اختيارن ذريعي عام ڪيو ويو هو، ۽ عوام کين مليل خوشين ۽ سهولتن جي عيوض پنهنجي محبت ۽ احسانمنديءَ جي احساس ۽ جذبن سان پنهنجي محسن کي موٽ ڏيندا هئا. پر مٽي بيان ڪيل سڀني ڇگاين جي باوجود، هڪ وڏو مسئلو جيڪو بيحد ضروري هئڻ سان گڏ ساڳي وقت ڏکيو ڪر به هيو: اُهو هيو فوجي طبقي جو ستارو جن جي مزاج ۽ اُنهن جي مفاد جو زمانن کان وٺي نه ته احتساب ٿيو هو نه ڪا پڇا ڳاڇا، ۽ اُهي نظر ۽ ضبط جي موضوع چورڻ شرط ٿي هڪدم بي صبرا ۽ بي قابو ٿي ويندا هئا ۽ جن کي عوام جي آرام آسائش جي ڪا به پرواهه ڪانه هوندي هئي. اهو مقصد ذهن ۾ رکي، بادشاهه ان کي عملي جامو پهرائڻ جي ڪوشش ۾ پهريون ته فوجين سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪيو ۽ بعد ۾ سندن خطري کي ظاهر ڪرڻ نه ڏنائين. انتظامیہ جي هر ڪاتي ۽ هر محڪمي ۾ قناعتِ ۽ خرچ گهٽائڻ جو زور هو پر ان قناعت واري خرچ مان پي فوجين جي پگهارن ۽ وڏن انعامن اڪرامن لاءِ سون ۽ چاندي خريد ڪري کين ڏني ويندي هئي ته پنهنجين شاهه خرچين جو پورائو ڪن، ڪنهن مُهر جُوئي ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ جيڪو کين اڳ سترهَن ڏينهن جو سِيڏو سامان پنهنجن ڪلهن تي ڪٽي هلڻو پوندو هو، ان کان کين نجات ڏياريائين. قومي شاهراهن تي فوجي اسلحي جمع ڪرڻ جا گُدام نهرايا ويا هيا ۽ جيئن ئي اُهي دشمن جي ملڪ ۾ داخل ٿيندا هيا ته گڏهن ۽ اُٺن جون قطارون بيئل هوندیون هيون ته جيئن سندن غرور جي بار کي کٽي سگهن. جيئن ته سڪندر کي فڪر هو ته پنهنجين فوجين جي عياشيءَ جي ممڪن حد تائين اصلاح ڪري، ته هن ڪوشش ڪئي ته مليٽري جي ظاهري ڏيڪَ ۽ رونق وارين شين جيئن ڇهَ، زيورَ، عمدا گهوڙا،

شاندار زرهون، ۽ شيلڊون جيڪي سون ۽ چاندي سان جڙيل هونديون هيون. اُنهن شين کان پنهنجي اصلاح جو عمل شروع ڪري. هن اُنهن تَکَن ۽ تکليفن ۾ هين سان پاڻي پائيوار ٽيڪ چاهيو. انڪري پنڌ ڪري ذاتي طور تي وڃي جيڪي بيمار ۽ زخمي سپاهي هيا اُنهن جي صحت بابت معلوم ڪيائين: هڪ رجسٽر رکرايائين جنهن ۾ فوجين جي خدمتن بابت رکارڊ درج کرايائين ۽ پنهنجي احسانمنديءَ جا ڪجهه جملا به ان ۾ داخل کرايائين ۽ هر موقعي تي پنهنجي عزت ۽ محبت جو اظهار اُنهن فوجين لاءِ ڪيائين، جن جي ترقي ۽ بهبود جيئن هن ظاهري طرح چيو، ملڪ جي ترقي ۽ بهبود سان لازم ملزوم جيان ڳنڍيل هو.[73] ڏاڍي نفاست ۽ نرميءَ سان هن وردي ۽ وارن بيشمار ماڻهن ۾ ڏيوٽي جي پابنديءَ جو جذبو جاڳايو ۽ کين جوش ڏياريو ته هو محنت ڪن ته جيئن روم جي بادشاهت جي تاريخي شان شوڪت جو ڪو هلڪڙو اولاڙوئي نظر اچي وڃي ۽ جيڪا برتري رومي دنيا کي هين ڪيترين ئي قومن مٿان هئي ۽ جيڪو ويڙهاڪ هٿ ۽ مقابلي ۾ سندن وڏيڪ طاقتور هٿ جو اڳيون تصور هو ان جو ڪو ٽوڙڻو حصو ٻه واپس وري اچي ته اُهو ٻه غنيمت هوندو. پر سُنڊس دوراندیشيءَ واريون پُرخلوص محنتون اجايون ۽ سندس جرئت موتمار ثابت ٿي ۽ سندس طرفان براين جي پاڙ پٽڻ جي ڪوشش اُٽلو سندن برائين کي ويتر پڙڪايو جن کي وِسائڻ جو هُو ڪوشش ڪري رهيو هو.

بادشاهي محافظَ سڪندر جي ننڍ پڻ کان ولي ساٿس گڏ رهيا هيا. هو ساٿس پيار ڪندا هئا ۽ پنهنجو ننڍڙو شاگرد سمجهندا هيا جنهن کي هنن ظالم جي قهر کان بچايو هو ۽ سندن ئي ڪوششن سان هن شاهي تخت ماٿيو هو. هردلعزيز شهزادي کي محافظن جي احسانَ جو چگيءَ طرح احساس هو پر جيئن ته سندس احسانمندي، دليلَ ۽ انصاف جي گهرجَن سان واڪيل هئي جيڪا سندس مجبوري ٻه هئي، ته اُهي بنادير سندس اخلاق ۽ چڱاين کان ان حدَ تائين بيزار ٿي پيا جو الاگابئلس جي بُراين کان ٻه ڪڏهن ايترا ناخوش نه رهيا هيا. سندن مُنهندار اُلپين، قانونَ ۽ ماڻهن جو دوست هو: فوجين کيس پنهنجو دشمن سمجهيو. چو ته سندن خيال ۾ هنن جي خلاف تباهيءَ وارا مشورا ۽ فوجين جي ستاري جون صلاحون اُن ئي بادشاهه کي ڏنيون هيون. هڪ معمولي واقعو ٿي پيو جنهن سبب سندن ناراضگيءَ جا جذبات فساد ۾ تبديل ٿي ويا ۽ تن ڏينهن تائين روم ۾ خانه جنگي هلندي رهي ۽ هڪ بيحد سُٺي وزير جي زندگيءَ جي حفاظت سندس احسانمند ماڻهن ٿي ڪئي. ڪجهه گهرن کي باهه جي شعلن ۾ ڪوڙيل ڏسي ماڻهو صفا ڊڄي ويا ۽ فسادين طرفان گهر گهر باهه لڳائڻ جي ڌمڪين کان خوفزده ٿي، ڏڏو ساهه پري ماڻهو پوئتي هٽي ويا. هڪ سُٺي پر بدقسمت انسان اُلپين کي چڏي ڏنائون ته مقدر سندس لاءِ جيڪو به فيصلو ڪري. بادشاهي محل تائين سندس پيڇو ڪيو ويو ۽ سندس مالڪ جي قدمن ۾ کيس قتل ڪيو ويو جنهن ناڪام ڪوشش ڪندي سندس جسم کي جهنڊي سان ڍڪيو ۽ بي رحم سپاهين کان هن لاءِ معافي پڻ ورتائين. حڪومت جي اهڙي ڪمزوري انتهائي افسوسناڪ حد تائين هئي جو بادشاهه کي اها طاقت يا اختيار نه هو ته پنهنجي بهترين دوست جي ناحق قتل ۽ پنهنجي وقار جي تذليل جو بدلو وٺي سگهي. وٽس سواءِ ان جي هيو ڪو رستو نه هو ته هيٺاهون ٿي هلي ۽ صبر جي راهه ۽ بهروپ اختيار ڪري. اِپاگٿس کي، جيڪو ان فساد جو مکيه سرواڻ هو، روم مان هٽائي کيس وڏي عزت واري عهدي تي، يعني مصر جو مُنهندار بنايو ويو جتان وري سندس عهدي کي ڪجهه هيٺ ڪري کيس ڪريٽ جي حڪومت ۾ مقرر ڪيو ويو.

آخرڪار وقت گذرڻ ۽ غير حاضريءَ سبب جڏهن محافظن ۾ سندس شهرت گهٽ ٿيندي ٿيندي سندن دلين تان ميٽجي وئي ته سڪندر موقعي جو فائدو وٺندي سندس غلطيون پکڙي سندس ڏوهن جي سزا ڏيڻ چاهي. [74] هڪ انصاف پسند ۽ نيڪ بادشاهه جي حڪومت ۾، فوجين جي ظلم ۽ آمريت سبب سندس وفادار وزيرن کي به موت جي سزا جو خطرو پيدا ٿي پيو جن لاءِ ڪين شڪ هو ته اُهي به سندن ئي غلط ۽ برداشت کان ٻاهر ڳالهين کي ٺيڪ ڪرڻ ۾ شريڪ هئا. تاريخدان ڊائن ڪئسيئس، پنونيا جي فوجين جو ڪمانڊر رهيو هو ۽ اُتي اُن سخت نظم ۽ ضبط کي قائم ڪيو هو. اُنهن جي رومي پائرن، فوجي چڑواڳي ۽ تڪبر ۾ اچي، اصلاح ڪندڙ جي سِرَ جو مطالبو ڪيو. سڪندر، بجاءِ فسادين ۽ باغين جي شور شرابي آڏو جُهڪڻ جي، پنهنجي ذهانت ۽ تجربي کان ڪم وٺندي، پنهنجي سائيءَ طور ڪيس ايلچي مقرر ڪيو ۽ سندس فضول عهدي جو خرچ پنهنجي خزاني مان برداشت ڪيو: پر ان ڳالهه جو جائز ۽ پڪو گمان هو ته جيڪڏهن محافظن ڪيس ان عهدي جي لقبن سان ڪيس ڏسي ورتو ته هو ان جي رت سان ان کان بدلو وٺندا ڇو ته اُهو ئي پهريون مثال هوندو جنهن کي بادشاهه جي اجازت سان رٽائر ٿيل اسٽاف مان شهرمان مئجسٽريٽ جي عهدي تي ترقي ڏني وئي هئي جنهن پنهنجي مئجسٽريٽ جي عهدي تي گهٽو وقت پنهنجي ڳوٺ ڪمپانيا ۾ گذاريو. [75]

بادشاهه جي نرمي ۽ نرم دلي، فوجين کي وڌيڪ بي ادب ۽ گستاخ بنائي ڇڏيو هو: فوجين، شاهي محافظن جي هلت چلت جي ڪاپي ٿي ڪئي ۽ ڪين ئي مجيو ٿي، ۽ پنهنجي شهواني عياشيءَ جي حقَ جي، ساڳي هوڏ ۽ تڪبرَ مان حمايت ٿي ڪئي، ائين ٿي لڳو ته سڪندر جو پورو حڪومتي نظام جنڊ، سندس ئي دؤر جي اخلاقي بگاڙ خلاف هڪ بي فائدي جدوجهد ۽ جاکوڙ هئي. اليريڪر ۾، ماريٽئنيا ۾، آرمينيا ۾، ميسوپوٽئميا ۾ ۽ جرمني ۾، ڪيترائي فساد ۽ فتنا جاڳي پيا جنهن ۾ سندس آفيسرن کي ماريو ويو، سندس اختيارن کي بيعزتو ڪيو ويو ۽ آخرڪار سندس فوجين جي ناراضگيءَ سبب کيس پنهنجي زندگيءَ جي قرباني ڏيڻي پئي. [76] هڪ خاص حقيقت کي رکارڊ تي آڻڻ ضروري آهي ڇو ته انجو تعلق فوجين ۾ جي زندگي جي طور طريقي سان آهي ۽ جيڪو سندن ديوتي جي احساسَ ۽ فرمانبرداري اختيار ڪرڻ جي هڪ نمايان مثال کي ظاهر ڪري ٿو. جڏهن بادشاهه ائٽئڪ ۾ فارس جي جنگي مهر جُوئيءَ ۾ مصروف هو، جنهن جا تفصيل اسان هن کان بعد بيان ڪنداسين، ڪجهه سپاهي جن کي عياشيون ڪندي غسلخانن ۾ پکڙيو ويو هو، اُنهن کي سزا ڏيڻ تي اُنهن فوجي جَٿن ۾ بغاوت پڙڪي پئي جن سان سندن تعلق هو. سڪندر، پنهنجي مئجسٽريٽ واري عدالت جي مَسندَ تي ويٺو، ۽ پنهنجي باوقار مضبوط ارادي سان بيشمار فوجين جي ميڙ کي مخاطب ٿيندي پنهنجي غير لچڪيدار ۽ طاقتور عزم جو اظهار ڪندي بُراين جي پاڙ پٽڻ جو اعلانِ ڪيائين جنهن جي شروعات سندس اڳئين بداخلاق جانشين ڪئي هئي ۽ ساڳي وقت نظم ۽ ضبط کي به هر حال ۾ برقرار رکڻ جو اعلان ڪيائين جنهن ۾ جيڪڏهن رتيءَ ماتر به ڍِلائي يا ڪاهلي ٿي ته اُهو روم جي نالي ۽ ان جي بادشاهت جي بربادي۽ جو ڪارڻ هوندو. سندس نرميءَ سان ڳالهائڻ جي وچ ۾، ماٿهن طرفان وڏي واڪي شور ۽ هنگامي جا آواز اچڻ لڳا. " دانهون ۽ بکواس ڪرڻ بند ڪريو". بادشاهه وڏي اعتماد مان ڪين چيو، "جيستائين اوهان فارسين، جرمنس ۽ سرمانٽينس خلاف هٿيار کڻي، جنگ جي ميدان ۾ ڪڏي ڪاهي نٿا پئو، خاموش ٿيو نه ته مان اوهان کي فوجي نه پر هڪ رعيت جي ماٿهوءَ جي حيثيت ڏينداس. [77] ۽ اُهي ماٿهو جيڪي روم جي قانون جي ڪا

پرواھ نٿا ڪن. اُنھن جو شمار يقيني طور تي ذلت جي درجي وارن ماڻھن ۾ ھوندو." سنڊس للڪارَ فوجين جي غضبَ ۽ غصي جي جنون ۾ ويتر باھ ٻاري ڇڏي ۽ سندن ھٿن ۾ ڪنيل اُڇاڻن ھٿيارن جي نماءَ سبب سنڊس وجود کي اڃيئي خطرو پيدا ٿي ڇڪو ھو. "اوھانجي جرئت،" تقرير کي جاري رکندي بھادر ۽ اٽموٽ سڪندر ڪين چيو. " ڪي جرڪائڻ جي باوقار جڳھ جنگ جو ميدان آھي: مونکي پلي اوھان ختر ڪري ڇڏيو پر ڏيڄاري نٿا سگھو ۽ مونکي يقين آھي تہ جمھوريہ جو سخت انصاف اوھان کي سخت سزا ڏيندو ۽ منھنجي موت جو بدلو ونندو." شور ۽ ھنگامو برپا ڪندڙ فوجي جٿن ايڏا بہ فساد کي جاري رکڻ ۽ وڌائڻ چاھيو تہ بادشاھ ھڪ فيصلي وارو جملو وڌي اعتماد ۽ پنھنجي پرپور آواز ۾ ادا ڪندي ڪين چيو. " شھريو! پنھنجا ھٿيار رکو ۽ پنھنجن پنھنجن گھرن ۽ جڳھن ۾ امن ۽ سڪونَ سان واپس ھليا وڃو." طوفان فورن ٽري ويو: فوجين ڏڪ ۽ شرمساريءَ منجھان، خاموشيءَ ۾ پنھنجي سزا بابت انصاف کي مڃيو ۽ نظر ۽ ضبط جي اختيارن کي تسليم ڪيو. ھٿيار ۽ ملٽري جا اعزاز واپس ڪيائون ۽ پنھنجين ڪٽمبن طرف نہ پر شھر جي مختلف جاين جڳھن ۽ مسافر خانن ڏي ھليا ويا. سڪندر ٽيھن ڏينھن دوران سڏارن جي منظرنامي ۽ مجرمن جي پڇتاءَ تي ڏاڍو خوش ھيوَ ۽ ھن کين پنھنجن اڳين عھدن تي واپس بہ نہ ڪيو جيستائين اُنھن مٿجسٽريٽن کي سزا نہ ملندي جن جو ھن بغاوت کي پڙڪائڻ ۾ وڏو ھٿ ھو. احسانمند فوجين، بادشاھ جي خدمت ڪئي جيسين جيئرو رھيو ۽ مرڻ ڪانپوءِ سنڊس بدلو ورتائون.[78]

ماڻھن جي ميڙ جو فيصلو گھٽو ڪري موقعي جي مناسبت تي مدار رکندو آھي ۽ جذبن ۽ اُڌمن جي پَڇ ڌاھَ بہ. ڪڏھن باغي فوجين کي وِگوڙ ڪرڻ کان پاسو ڪرائي بادشاھ جي پيرن ۾ ھٿيار ڦٽا ڪرڻ تي، مجبور ڪندي آھي يا وري اُھي ئي ھٿيار سنڊس سيني مان آرپار ڪرڻ تي بہ آماده ڪندي آھي. جيڪڏھن ڪو فلسفي ان زبردست ڪارنامي جي باريڪ بينيءَ سان ڇنڊ ڇاڻ ڪري ھا تہ شايد اسانکي ان موقعي تي شھزادي جي بيمثال جرئت جي اختيارن ۽ فوجين طرفان حڪمن جي فرمانبرداريءَ واري تعميل ڪرڻ جي راز ڄاڻ پروڙ پٺجي وڃي ھا: ۽ وري جي اھو واقعو ڪو انصاف پسند تاريخدان بيان ڪري ھا تہ شايد جُرئت جو ھي لاجواب مظاھرو سيزر جي سونھري ڪارنامن سان ڪُلھو ڪلھي ۾ ملائي ٻيھي ھا: ۽ اھو ئي ڪيو تہ اھو واقعو سڪندر سيورس جي عام مرتبي جھڙي پر باڪردار شخص جي مقدر ۾ لکجڻو ھو ۽ ڪيس اھو اعزاز ملڻو ھو. سُھڻي ۽ وٽندڙ طبيعت واري شھزادي جون لياقتون، موقعي جي سخت مشڪلاتن جي مقابلي ۾ بظاھر مطابقت رکندڙ نہ ھيون، سنڊس عزم ۽ ارادي جي مضبوطي توڙي جو تعريف لائق ھئي پر سنڊس مقصد ۽ نيت جي صفائي ۽ سچائي ايڏا وڏيڪ عظمت واري ھئي. سنڊس گُڻ ۽ ساڳي وقت الاڪابئلس جا آڏ گُڻ، ٻنھي کي جڏ ڪمزوري ۽ عورتاڻي نازڪ مزاجي جو دوا جو وڙن پياريل ھو جيڪو شام جي فضا جي خمير ۾ موجود ھو جنھن جو سڪندر بہ رھاڪو ھو. توڙي جو ھو پنھنجي غير ملڪي اصل نسل تي ڪاوڙ ۾ ڳاڙھو ٿي ويندو ھو ۽ حسب نسب جي خوشامدي اڀياس ڪندڙن کي ماڻ ميڙ ۾ ٻيھي ڌڏندو ھو جيڪي سنڊس اصل نسل کي قديم روم جي نوابن جي قبيلي سان وڄي ملائيندا ھيا.[79] سنڊس ماءُ جي غرور ۽ لالچي طبيعت، سنڊس حڪومت جي شان شوڪت کي ڪجھہ اونداھو ڪري ڇڏيو ھو ۽ شھزادي جي وڏي عمر ۾ بہ ڪائنس ساڳي فرمانبرداريءَ جي اُميد رکڻ جيڪا ھوءَ سنڊس جواني ۽ ناتجربيڪاري جي ڏينھن ۾ رکندي ھئي، ميميا جي اھڙي

روَيي تي ماٺهو مٽس ڪِليا ٻه ۽ سندس پٽ کي ٻه ٽوڪَ جو نشانو بڻايائون.[80] فارس جي جنگ جي تڪليفن ۽ ٿَڪَ: فوجين ۾ بيزاري ۽ ڇڙ پيدا ڪري ڇڏي ان مهر جي ناڪامي بادشاهه جي نيڪنامي۽ کي هڪ جنرل توڙي سپاهي۽ جي حيثيت ۾ هيناهون ڪري ڇڏيو. هر سببَ ۽ هر حالتَ هڪ انقلاب جي گُهرَ ڪري رهي هئي جنهن روم جي بادشاهت جو ڏيان ڇڪرايو جن اندروني مشڪلاتن ۽ مصيبتن جي هڪ ڏکڻي سلسلي کي جنم ڏنو.

ڪموڊس جي بدنامي۽ واري آمريت، سندس موت کان پوءِ خانه جنگي۽ جي سلسلن ۽ پاليسي۽ جا نوان اصول جيڪي سيورَس جي خاندان شروع ڪيا، سيني گڏجي فوج جي خطرناڪ طاقت کي وڌايو ۽ قانون ۽ آزادي۽ جي ٽوري ۽ غير واضح تصور کي ٻه تباهه ڪري ڇڏيو جيڪو ڪنهن حد تائين رومين جي ذهنن ۾ ايا تائين باقي هو. هن اندروني تبديلي۽ بابت جنهن بادشاهت جا بنياد ئي لوڏي ڇڏيا هيا، اسان کوشش ڪئي آهي ته اُهي حالتون ڪجهه ترتيب ۽ وضاحت سان بيان ڪجن. بادشاهن جو ذاتي ڪردار، سندن سوچون، قانونَ، حماقتون ۽ پاڻ بخت سان اسان جي فقط ايتري دلچسپي آهي جو اهي سيئي ڳالهيون بادشاهت جي زوال ۽ خاتمي جي عمومي تاريخ سان لاڳاپيل آهن. هن مقصد لاءِ اسان جو پورو پورو ڏيان، اسان کي هي اهم ڳالهه طرف غير متوجه نه ڪري ۽ اُها ڳالهه آهي انٽونينَس ڪُراڪالا جي تمام اهم فتويٰ جنهن ذريعي سڄي بادشاهت جي آزاد رهواسين کي روم جي شهري هئڻ جا نالا ۽ حق ڏنا ويا. سندس لامحدود فراخ دلي، هنجي ذهني سخا يا ڪشادگي جو نتيجو نه هئي پر اها سندس لالچ ۽ حرص جو گندو لاپ هو ۽ جنهن جي ، ان رياست جي مالي پوزيشن جي مشاهدي ڪرڻ ڪانپوءِ وضاحت ڪري سگهبي ۽ ان جو دائرو ٻه وسيع، يعني گڏيل ملڪيت جي دوُر کان وٺي سڪندر سيورس جي زماني تائين ڪرٽو پوندو.

تسڪني ۾ وِي (Vcii) جو گهيرو رومين جو ڪو پهريون خاص ڪم هو جيڪو ڏهين سالَ ۾ داخل ٿي ڇڪو هو انڪري نه ته اُها جڳهه يا هنڌ ايترو مضبوط هو پر گهيرو ڪندڙ اٽڪاڻ ۽ اناڙي هئا. گهر کان فقط ويهن ميلن جي پنڌ جي مهم تي ٻه سياري جي سخت سردين جون ڪين تڪليفون هيون[81] جنهن لاءِ ماٺهن ڪي سهولتون مهيا ڪرٽيون هيون ۽ ڪين آڏت ڏيڻو هو ۽ سينيٽ، ماٺهن جي دانهُن ۽ شڪاين جو عقلمنديَ سان ازالو ڪيو. ڪين باقاعدي پگهار ڏيڻ جو سرشتو شروع ڪيو ويو جيڪو رعيت جي ماٺهن کان سندن ملڪيت جي حسابَ ۽ حصي رسي۽ موجب وصول ڪيو ويندو هو.[82] وِي جي فتح کان ٻه سؤ سال پوءِ، جمهوريه جي سوين ذريعي ملڪ کي دولت ته گهٽ ملي پر ڪين اختيار وڌيڪ مليا. اتلي جون رياستون پنهنجي مليٽري جي خدمتن ذريعي محصول ادا ڪنديون هيون، ۽ وڏي فوجي عملي کي، سامونڊي توڙي خشڪي۽ جي رستي، جيڪو پيونڪ جي جنگين ۾ لڳايل هو، روم جي پنهنجي خرچ تي هلايو ٿي ويو. دلير ۽ زندهه دل ماٺهو (جيئن آزادي۽ جي نعمت ۾ خوش دلي۽ جي جوش ۾ ماٺهن جو رويو هوندو آهي) خوشي۽ سان پاڻ تي زياده بار برداشت ڪيو جيڪو اُنهن رضا خوشي۽ سان ان اُميد تي کڻڻ قبول ڪيو ته هُو پنهنجين محنتن ۽ تڪليفن جو جلد ئي فصل لڏندا. سندن اُميدن کي ناڪامي۽ جو مُنهن نه ڏسڻو پيو. ٽورڙن ئي سالن ۾، سراڪيوز، ڪارٿيج، مٽسيدونا ۽ ايشيا جي دولت کي خوشين ۽ شادمانن ۾ روم آندو ويو. فقط پرسيَس جي خزانن جو ڪاڦو ٻه ملين يا ويهَ لکَ پائونڊ اسٽرلنگ تائين ٿي ويو. ۽ روم جا ماٺهو، جيڪي ڪيترن ئي قومن جا بادشاهه هيا، هميشه لاءِ ٽئڪسن جي بارَ کان آجا ٿي ويا.[83] صوبن جو وڏندڙ خزانو، جنگ ۽ حڪومت جي نظام جي خرچن جي

پورائي ڪرڻ لاءِ ڪافي سمجهيو ويو ۽ سونَ ۽ چانديءَ جو واڌارو انبار، زراعت جي ديوتا جي مندر ۾ جمع ڪرايو ويو ۽ ان کي رياست جي اوچتين ضرورتن ۽ اڻ اعلانيل امڪاني گهرجن جي پُورائي لاءِ محفوظ ڪيو ويو. [84]

تاريخَ کي شايد ڪڏهن به ايترو ۽ تلاڻي نه ٽيڻ جي قابل زخر نه رسيو هوندو جيترو ان لاجواب رجسٽر جي رجائجي رجڻ ڪري ٽيو هوندو جيڪو آگسٽس پنهنجي وصيت ذريعي سينيٽ جي حوالي ڪيو هو، جنهن ۾ ان تجربيڪار شهزادي روم جي بادشاهت جي ناڻي جي آمدني ۽ خرچن جي برابريءَ جو ايڈو ته صحيح حساب رکيو هو جنهن جو مثال نٿو ملي. [85] هن صاف چٽي ۽ پوريءَ طرح مڪمل دستاويز کان محروم ٿي، اسان هاڻي مجبور ٿي پيا آهيون ته هيڏانهن هوڏانهن جون نامڪمل هدايتون جيڪي قديمي ماڻهن اختيار ڪيون هيون، اُنهن تي هلجي ۽ جيڪي حادثاتي طور تي شاندار مان ڀَري هاڻي فقط تاريخ جو ڪارآمد حصو ٿي ويون آهن. اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته پومپي جي فتحن ڪانپوءِ، ايشيا جي ٽئڪسن مان جمع ٿيل رقم، پنجاهه مان وڌي هڪ سؤ پنجٽيهه ملين ڊارچمس تائين لڳ ڀڳ ساڌا چار ملين پائونڊ تائين وڌي وئي. [86] آخري ۽ انتهائي ڪاهل بطليموسن جي وقت ۾، مصر مان آيل آمدني جو اندازو ساڌا ٻارنهن هزار ٽئلينٽس هو جيڪو اسانجن پٽسن جي ادائي ملين جيتري رقم ٿيندي، پر جيڪا پوءِ روم وارن جي بهتر اقتصادي صورتحال ۽ حبش ۽ هندستان سان واپار وڌڻ سبب تمام وڏي وئي. [87] گال آمدورفت جي ڏنڈي مان شاهوڪار هو ته وري مصر کي وڻج واپار جي آمدني هئي ۽ ٻنهي وڏن صوبن مان حاصل ٿيل آمدني ٻنهي جي ڏري گهٽ هڪ جيتري هئي [88] ڏهه هزار يوبوئڪ يا فونيشيا جا ٽئلينٽس يا چار ملين اسٽرلنگ [89] جن سان ڪارٿيج تي فتح حاصل ڪئي وئي پر ان کي نندايو ويو ته اُهو پنجاهه سالن جي عرصي ۾ اُها رقم ادا ڪري؛ اها ڳالهه روم جي برتريءَ جي مڃتا آهي [90] ته هن بعد ۾ رتيءَ ماتر ناٿو به ٽئڪسن ۾ نه ڏنو ڇو ته زمينن تورِي رهواسين منجهان محصولن جي جام اوگاڙي ٿي ۽ ساڳي وقت آفريڪا جو هڪ تمام زرخيز علائقو پڻ صوبي جي سطح تي نندايو ٿي [91] بادشاهت ۾ شامل ٿي ويو. اسپين کي هڪ عجيب حادثاتي مصيبت سبب، پراڻي دنيا جو پيڙو ۽ ميڪسيڪو ڇيو ويندو هو. فونيشيا جي ماڻهن طرفان هڪ شاهوڪار مغربي ملڪ جو ظاهر ٿيڻ ۽ ڪين ملڻ ۽ مقامي ماڻهن تي ظلم ڪرڻ جن کي ڪاٽين ۾ ڏارين جي فائدي لاءِ محنت ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويندو هو، ان جو مثال بلڪل ساڳئي نموني سان اسپئنش آمريڪا [92] سان ملي ٿو جيڪا بلڪل هاڻوڪي تاريخ آهي. فونيشيا جا ماڻهو فقط اسپين جي ساموندي ڪناري جا واقف هئا؛ لالچ ۽ اُمنگن سبب روم ۽ ڪارٿيج جا هٿيار ڪهي، ملڪ جي وچ ۾ پهتا ۽ زمين جو ذرو ذرو تامي، چانديءَ سون جي دولت سان مالا مال نظر آيو. ڪارٽگنا (Carthagena) جي ڪاڻ جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي جنهن مان روزانو پنجويهه هزار ڊراچمس جيتري چاندي يا ساليانو تي لک پائونڊ اُپت ٿيندي هئي. [93] ويهه هزار پائونڊن جي تور جيترو سون استوريا، گٽليشيا ۽ لوسيٽٽنيا [94] جي صوبن مان ساليانو حاصل ٿيندو هو.

اسان کي ڪجهه فرصت جو گهڙيون ۽ ڪجهه ذريعا گهرجن ته جيئن وڌين، سُکين ۽ طاقتور رياستن جي باري ۾ ڪجهه دلچسپ حقيقتن جو ذڪر ڪجي، جن جو وجود ٿي رومي بادشاهت ۾ ختر ٿي ويو. ڪجهه معلومات صوبن جي آمدني جي باري ۾ به ڏيڻ گهرجي جتي قدرت طرفان ڪافي دولت وٽن مهيا ڪئي وئي آهي يا ماڻهن طرفان جمع ڪئي وئي آهي بشرطيڪ اسان توجه سان تنهائي ۽ سنڊ پڻي جي رهائش گاهن جو غور سان جائزو وٺون، آگسٽس کي

هڪ دفعي گيارَس جي رهاڪن کان هڪ درخواست ملي، جنهن ۾ ڪيس نمائڻو عرض ڪيل هو ته جيڪو ٽئڪس مٿن مڙهيو ويو هيو ان جو گهٽ ۾ گهٽ ٽيون حصو ختر ڪيو وڃي. انهن مٿان سڄو ٽئڪس ڏيڊ سؤ ڊراچما ڪان مٿي نه ٿي ٿيو جيڪو فقط پنجن پائونڊن جي برابر هو؛ پر گيارَس نندڙو ٻيٽ هو يا ايڏا به ائين چئجي ته ايجين سمنڊ جو هڪ پهاڙ هو جتي نه ته پاڻي هو ۽ نه وري زندگيءَ جي ڪا ٻي سهولت موجود هئي ۽ جتي ٽورڙا بد قسمت مُهاڻا رهندا هئا. [95]

روشنيءَ جي اهڙن ڏيمن ۽ هلڪڙن تِروڙن مان به اسانکي خبرپوي ٿي ۽ اسانکي اهو مڃڻو پوندو ته، پهريون ته (اسانکي زمانن ۽ حالتن جي فرق جي منصف مزاجيءَ سان رعايت ڏيڻي پوَندي) روم جي صوبن جي سراسري آمدني، اسانجي موجوده پئسن جي لحاظ سان پندرهن کا ويهَ ملين کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه ٿيندي، [96] ۽ ٻيو ته ايتري وڏي آمدني، ڪنهن به جديد حڪومت جي خرچن جي پُورائي لاءِ بهرحال ڪافي سمجهي ويندي، يعني حڪومت جو اُهو زبردست سرشتو جنهن جو بنياد آگسٽس رکيو هو، جنهن جو گهر، هڪ خانگي سينٽر جي سادگيءَ سان رهندڙ خاندان کان مٿاهون نه هو ۽ جنهن جو فوجي نظام، سرحدن جي حفاظت کي نظر ۾ رکندي وجود ۾ آيو هو، جنهن ۾ نه ملڪن فتح ڪرڻ جي لالچ شامل هئي ۽ نه وري ٻاهرين حملن جي ڪنهن ٽوري گمان يا انديشي جو ڪو عمل دخل هو.

هنن ٻنهي نتيجن ڪيڏ جي باوجود آگسٽس جي زبان ۽ انجو روَيو، پوئين نتيجي کي بلڪل ۽ يقيني طور تي، پنهنجو ڪارنامو نه سمجهندي، رَد ڪو ڪري. اهو ايترو آسان به ناهي ته اعتماد سان اهو چئي سگهجي ته ان موقعي ۽ وقت تي هو رومي دنيا جو اڳواڻ ۽ ابو هو، يا آزاديءَ کان ٻُڌان ڪندڙ هو، نه وري اها خبر پوي ٿي ته هن صوبن جو بارُ جَهڪو ڪرڻ چاهيو هو يا سينيٽ ۽ گهوڙي سواري جي ادارن کي يتيم بنائڻ جو سوچيو هو. پر جيئن ئي هن حڪومت جون واڳون سنڀاليون هيون ته فورن هن ٽئڪسن جي زُمري ۾ گڏ ٿيندڙ رقم کي ناڪافي ڄاڻايو هو ۽ ان ڳالهه جي ضرورتِ جو احساس به ڏياريو هو ته روم ۽ اٽلي مٿان به انصاف جي نظر سان ۽ قومي بارَ جي برابري واري حصي رسيءَ سان مٿن ٽئڪس لڳايا وڃن. هن غير مقبول رِتَ کي عملي جامو پارائڻ لاءِ، هو وڏي احتياط ۽ توريل تڪيل قدمن سان اڳتي وڌيو. ڪسٽر جي ڪاتي ڪولڻ کان پوءِ هن ايڪسائيز جي سرشتي کي به وجود ۾ آندو ۽ ٽئڪسن لڳائڻ جي عمل کي روم جي شهرين جي اصلي يا آبائي ۽ ذاتي ملڪيت کي نظر ۾رکيو ويو ڇو ته روم جي رعيت جا ماڻهو کنهن به ٽئڪس ڏيڻ کان گذريل ڏيڍ صديءَ کان وٺي آجا هيا.

1. روم جهڙي وڏي بادشاهت ۾، آمدني ۽ خرچ جي برابري جي حساب ڪتاب جو سرشتو وقت سِر خود بخود قائر ٿي ڇڪو هوندو. اهو اڳ ۾ به ٻڌايو ويو آهي ته سوئن ۽ طاقت جي زور تي، صوبن جي دولت کي گاديءَ جي هنڌ ڏانهن اُماڻيو ويندو هو ۽ اهڙيءَ طرح ان ناڻي جو ڪافي حصو وري اُنهن صوبن کي موڪليو ويندو هو جيڪي وٽج واپار ۽ هنرن ذريعي محنت ڪندا هئا ۽ ملڪ کي سڪيو ستابو بنائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا هئا. آگسٽس ۽ ان جي جانشينن جي حڪومت ۾، وٽج واپار جي هر جنس تي ٽئڪس لاڳو ڪيو ويندو هو، جيڪا هزارن طريقن سان دولت ۽ عياشيءَ جي وڌن وڌن آڏن تي پهچي ويندي هئي، ۽ جنهن به طريقي سان قانون جي ترجماني ڪئي ويندي هئي، ان موجب خريدار هميشه روم جو رهواسي هوندو هو جيڪو ٽئڪس پڻ ادا ڪندو هو. [97] ڪسٽر، جنس يا شين جي اصل قيمت جي ائين حصي کان وٺي چاليهين حصي تائين لاڳو ڪيو ويندو هو؛ ۽ اسان کي اهو حق ٿو پهچي ته ڪستر ڏيوتي "ڪڏهن گهٽ

تہ کڏهن وڏ" بابت اندازو لڳايون تہ ان بابت پاليسي تمام صاف هئي: تہ عياشي ۽ زيب زينت وارين شين تي، ضرورت وارين شين جي مقابلي ۾ ڏيوڙي زياده لڳائي ويندي هئي: ٻيو تہ جيڪو مال بادشاهت جي رعيت جي ماڻهن طرفان سندن محنت مشقت سان پيدا ڪيو ويندو هو يا ٻاهيو ويندو هو تہ ان سان، عرب ملڪن يا هندستان [98] جي فضول ۽ غير مقبول شين جي مقابلي ۾، وڏيڪ مهرباني ۽ خاص رعايت وارو سلوڪ ڪيو ويندو هو. اوپر جي جنسن جي باري ۾ هڪ ڏگهي پر نامڪمل فهرست ايجا تائين موجود آهي جن تي سڪندر سيورس جي دؤر ۾ ڏيوڙي لڳائي ويندي هئي، جهڙوڪ: دالچيني، ڪنؤ، ڪارا مرچ، سُنڌ ۽ خوشبوئن جا سپيئي قسم، قيمتي پٿرن جا جدا جدا نمونا جنهن ۾ هيرو سپني ڪان وڏيڪ مهانگو هوندو هو: ۽ زمرد جو پٿر وري سُونهن ۾ سپني ڪان سرس هو: [99] پارٿيا ۽ بابل جو چمڙو، ڪپهہ، ريشم ٻئي ڪچا توڙي تيار ٽيل، آبنوس، عاج ۽ ڪڏا. [100] اسان اهو به مشاهدو ڪيو آهي تہ زناٽن غلامن جو استعمال توڙي قدر ۽ قيمت، بادشاهت جي زوال پذير ٽيڙ سان ويتر وڏي ويو.

2. خانہ جنگين ڪانپوءِ، آگسٽس طرفان جيڪو ايڪسائيز ٽئڪس لڳايو ويو هو، سو تمام گهٽ پر عام هو ۽ شايد ئي ڪڏهن هڪ سيڪڙي ڪان وڏيڪ لڳايو ويو هجي: پر ان ۾ اُهي سيئي شيون، جيڪي ماركيٽ ۾ وڪرو ڪيون ٿي ويون يا آڪشن ذريعي نيلام ڪيون ٿي ويون، اچي ٿي ويون: يا زمين ۽ گهرن جي خريداري جنهن ۾ ٽيڪ ٽاڪ رقم استعمال ٿي هجي تہ اُهي ننڍيون ننڍيون شيون جيڪي ماڻهن جي وڏي هجوم ۾ گهٽيون مقبول هيون ۽ روز مرهہ جي استعمال ۾ ايندڙ هيون ۽ مناسب رقم ۾ وڪرو ٽيندڙ هيون. اهڙو ٽئڪس، جيڪو گهٽن ماڻهن تي اثر انداز ٿئي ٿو، سدائين عوام طرفان دانهُن ڪرڻ ۽ ناراضگيءَ جو سبب رهيو آهي، هڪ بادشاهہ جيڪو پنهنجي رياست جي گُهرجن ۽ وسيلن کان واقف هوندو آهي، اُهو عوام جي فيصلي سان يڪراءِ ٽيندو ۽ مجبوريءَ مان ڪيس اعلان ڪرڻو پوندو تہ فوج جي مدد گهٽي ياگي ايڪسائيز جي شين جي پيداوار تي مدار رکي ٿي. [101]

جڏهن آگسٽس، پنهنجي حڪومت جي بچاءَ ۽ باهرين توڙي اندروني دشمنن جي خطري کان محفوظ رهڻ لاءِ هڪ مستقل فوج ٻاهڙ جو پڪو عزم ڪيو تہ هن هڪ نئين طرز جو خزاني جو بنياد به وڌو جنهن مان فوجين جو پگهار، رٽائر ٽيل ۽ تجربيڪار فوجين لاءِ انعامَ ۽ جنگ جي اوچتن ۽ خاص خرچن جو پُورائو ڪيو ويندو هو. ايڪسائيز مان ٽيندڙ آمدني توڙي جو اُنهن مخصوص خرچن تي استعمال ٽيندي هئي، ڪي ناڪافي سمجهيو ويو. ان ڪميءَ کي پوري ڪرڻ لاءِ بادشاهہ سلامت طرفان ايجا به پنج سيڪڙو تائين ٻيو ٽڪس ماڻهن تي مڙهيو ويو جيڪو وصيتن يا ماءُ پيءُ جي ميراث ذريعي جيڪا ملڪيت يا دولت ماڻهن کي ملي، ان تي لڳايو ويو. پر جيڪي روم جا امير ماڻهو هئا اُهي آزاديءَ کان ملڪيت جا طالب وڏيڪ هئا. اُنهن جي ناراضگيءَ جو ڇوٻول آگسٽس جي ڪنن تائين به پهتو جنهن پنهنجي دستوري طبيعت جي ڏيرج سان ان کي ٻڌو. هن سڄو معاملو سينيٽ ڏانهن موڪلي ڏنو ۽ اُنهن تي زور پريو تہ هن قومي خدمت لاءِ ڪو ٻيو طريقو تجويز ڪن جيڪو عوام لاءِ آساني پيدا ڪري ۽ جيڪو بچان ڏيارينڊ به نہ هجي، سينيٽ وارا پاڻ ۾ ورهائجي ويا ۽ فيصلي ڪرڻ ۾ منجهي پيا. هُن ڪين اشارن ۾ چيو تہ جيڪڏهن هو وڏيڪ ضِد ڪندا تہ هو زميني ٽئڪس يا وري ماڻهن جي سِرَن جي ڳڻپ مطابق ٽئڪس مڙهي ڇڏيندو. اُهي خاموش ٿي "مِني به ماڻ تہ مُلي به ماڻ" جيان چپ ٿي ويا. [102] وصيتن ۽ وراثتن تي ٽئڪس هٽڻ واري معاملي

کي کجهہ پابندين ذريعي نرم بڻايو ويو. اُهو تيستائين نہ مڙهيو ويو جيستائين ان ڳالهہ جو يقين نہ ڪيو ويو تہ جنهن شئي تي تشڪس لڳايو تي ويو ان جي ڪا قيمت هجي ۽ اُها گهٽ ۾ گهٽ سون جا پنجاهہ يا سؤ ٽڪرا هجن،[103] ۽ اُهو ان تي به نہ لڳايو ويندو جيڪو پيءُ جي طرف کان ان جو ويجهي ۾ ويجهو عزيز هوندو. [104] جڏهن فطري ۽ ملڪيت جا حق محفوظ ٿي ويا تہ هاڻي اهو مناسب ٿي معلوم ٿيو تہ هڪ ڏاريو ماڻهو يا پري جو عزيز، جنهن کي اوچتو جهجهي دولت ملي وئي هجي تہ اُهو پنهنجي رضا خوشيءَ سان ان جو ويهون حصو رياست جي پلاٽي لاءِ ڏيڻ ۾ هرگز نہ هيڪندو. [105]

اهڙو ٽڪس جيڪو دولتمند طبقن کي کجهہ گهٽو محسوس ٿئي، روم جي ماڻهن ان کي خوشيءَ سان قبول ڪيو ڇو تہ اُهو ڪين موقعي جي مناسبت سان محسوس ٿيو. جيڪي پنهنجي مرضيءَ مطابق ۽ پنهنجي سهولت ۽ مود جي لحاظ سان ڏئي ٿي سگهيا ۽ جنهن ۾ رڪابہ رڪاوٽ ڪا نہ هئي نڪي وري ڪنهن فيصلي يا وراثت جي شرطن جون ان ۾ ٻيڙيون لڳل هيون. مختلف سببن جي ڪري، پيءُ جي هڪ طرفي پيار، گڏيل ملڪيت جي چاهيندڙن ۽ بادشاهت جي بگڙيل اخلاق وارن اميرن وٽ پنهنجو اثر وڃائي چڪو هو: ۽ جيڪڏهن پيءُ، پنهنجي پٽ لاءِ پنهنجي ملڪيت جو ڇوٽون حصو ڇڏيو هو تہ هن قانوني طرح شڪايت ڪرڻ جي دعويٰ ڪي ڇڻ ختم ڪري ڇڏيو. [106] پر اُهو پوڙهو مالدار ماڻهو جنهن کي ٻار ڪونہ هو، گهر ۾ هڪ آمر ٿي ويندو هو ۽ جيئن سندس عمر ۾ واڌارو ٿيندو رهندو هو تہ سندس اختيار ۽ ضعيفي ۾ وڌندي رهندي هئي. نيچ ماڻهن جي ميڙ ۾، ڪيس محافظ به ياد ايندا هئا تہ ڪڏهن وري مئجسٽريٽن ۽ ايلچين کي به ياد ڪندو هو، ماڻهو سندس مرڪز تي ڪيس پائيندا هئا، حرص تي سندس خوشامد ڪندا هئا. سندس حماقتن تي داد ڏيندا هئا، سندس جذبن جو احترام ڪندا هئا پر بي صبري ۽ بيچينيءَ مان سندس موت جو انتظار ڪندا هئا. ڪنهن جي سنپال لهڻ ۽ خوشامد ڪرڻ جو هنر هڪ اهڙي سائنس ٿي وئي آهي جو اُتي به ماڻهو ڪجهہ ڏوڪڙ ڪمائي ٿو وڃي، جن ان سائنس ۾ پير پاتو تہ ڪين وڏا لقب ملي ويا: ۽ سڄو شهر، هڪ طنزيہ جملي جي مطابق، ٻن پارٽين ۾ ورهائجي ڇڪو هو: " شڪاري ۽ سندن راندِ. [107] " جيتوڻيڪ ناانصافي ۽ وڏن خرچن واريون وصيتون روزانو مڪارن طرفان لکرايون ويندیون هيون ۽ احمقن طرفان ڏوڪڙ جمع ڪيا ويندا هيا، ان جي باوجود ڪجهہ نهايت ٿي جائز ۽ احسانمنديءَ جي جذبي هيٺ هوندیون هيون. سسيرو ڪي، جنهن اڪثر ڪري شهرين جي زندگين ۽ اُنهن جي دولت ۽ بخت لاءِ مسلسل جاکوڙ ڪئي هئي، وصيت جو انعام مليو جنهن جي ان وقت رقم هڪ سؤ ستر هزار پائونڈ هئي: [108] نہ وري ننڍي پلني جي دوستن هڪ يار ويس تقرير جي ماهر [109] سان گهٽ سخا جو ثبوت ڏنو هو. وصيت ڪندڙ جو جيڪو به مقصد هجي، پر خزاني کي. بغير ڪنهن روڪ رنڊڪ جي، رياست جي لاءِ ويهون حصو ملندو رهندو هو: ۽ ٻن ٽن نسلن جي وقفي کان پوءِ، رعيت جي سڄي ملڪيت يقيني طرح آهستي آهستي جمهوريہ جي خزاني جي صندوقن ۾ وڃي چڪي هئي.

نيرو جي پهرين سالن جي سونهري دؤر ۾، هن شهزادي پنهنجي شهرت وڌائڻ جي خيال کان يا وري ماڻهن سان چڱائي ڪرڻ جي جذبي منجهان، هڪ خواهش جو اظهار ڪيو تہ هو ماڻهن تان ڪسٽم ۽ ايڪسائز ڊيوٽي جي مصيبت کي ختم ڪرڻ ٿو چاهي. وڏن عقلمند سينيٽرن به سندس ان فراخدليءَ واري قدم تي ڪيس داد ڏنو، پر ساڳي

وقت ان رِتَ تي عمل ڪرڻ کان ڪيس روڪيائون، ڇو تہ ائين ڪرڻ سان جمهوريہ جي طاقت توڙي آمدني جا وسيلا ختم تي وڃن ها. [110] جيڪڏهن ان تصوراتي خواب کي سچي تعبير هجي ها تہ تراجن ۽ ائنٽوننز جهڙا شهزادا يقيني طور تي جرئت جو مظاهرو ڪندي، انسانذات سان ايڏي وڏي پلاٽي ڪرڻ جو سونهري موقعو پنهنجي هٿان هرگز وڃائڻ نہ ڏين ها. هو ان ڳالهہ کان مطمئن هيا تہ ماڻهن جون تڪليفون دور ڪرڻ پيون هنن ڪوشش ڪئي تہ انهن ٽئڪسن کي هٽايو نہ وڃي. اُنهن جي قانون جي نرمي ۽ پختگي، ٽئڪسن کي سهڻي نموني هلايو ۽ رعيت جي سڀني طبقن جي ماڻهن جي سختيءَ سان حفاظت ڪيائون تہ ان سرشتي مان ڪو ناجائز فائدو نہ وٺي ۽ ٽئڪسُن جي تشريحَ پنهنجي مطلب ۽ مناد مطابق نہ ڪري. قديمي دعوائن کي رد ڪيو ويو ۽ ان جو بہ تدارڪ ڪيو ويو تہ هارين سان گستاخي ۽ ڪين پريشان ڪرڻ جي روَيي کي ختم ڪيو وڃي. [111] اهو بهرحال هڪ عجيب سلسلو رهيو آهي تہ هر دؤر ۾، روم جي بهترين ۽ تمام سياڻن گورنرن بہ انتهائي هاڃيڪار طريقو اختيار ڪيو تہ فقط ايڪسائيز ۽ ڪسٽم کي ئي ٽئڪس جمع ڪرڻ جا مکيہ وسيلا سمجهيائون. [112]

ڪئراڪالا جا جذبا ۽ حقيقت ۾ ان وقت جون حالتون بہ ائنٽوننز جي دؤر کان بلڪل مختلف هيون. ماڻهن جي بهتري ۽ بهبود کان بلڪل بيپرواهہ ۽ بيگانو تي، هو فقط هڪڙي ضرورت کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳو رهيو تہ ڪيئن فوجين جي لا محدود لوبَ ۽ لالچ کي مطمئن ڪري جن کي هن خود ئي هيرايو هو. آگسٽس طرفان وڌل پابندين منجهان، جيڪا ويهين هئي اُها وصيتن ۽ وراثت جي باري ۾ هئي ۽ اُها ڏاڍي فائديمند ۽ جامع هئي. ان جو اثر روم يا اٽلي تائين محدود نہ هو. بلڪ ان جو فائدو وقت سان گڏ وڌندو رهيو جيئن جيئن روم جو شهر ڏيگهہ ۽ ويڪر ۾ وڏو ۽ وسيع ٿيندو رهيو. نَوَن شهرين کي، توڙي جو کين بہ هڪ جيترو ٽئڪس [113] ڏيڻو هو ۽ جن جي ڪري هو رعيت جي حيثيت ۾ متاثر نہ ٿيا هيا، کين ان حيثيت کان ڪافي معاوضو مليو جيڪا کين حاصل هئي، يا جيڪي حق اُنهن کي مليل هيا ۽ جيڪي کين اعزازن ۽ دولتمند ٿيڻ جا سڀ موقعا کين مليا. اُهي اُنهن جي نصيب جي حوالي ڪيا ويا. ۾ هڪ وڏي رعايت جيڪا نهايت ئي نمايان هئي، ڪئراڪالا جي عياشين ۽ شاهہ خرچين سبب ضايع ٿي وئي ۽ صوبن جي ناراض ماڻهن کي فضول اعزازن وٺڻ ۽ روم جي شهرين جي احسانمند ٿيڻ لاءِ کين مجبور ڪيو ويو. سيورَس جو لالچي پٽ بہ ٽئڪسن کان نہ تہ خوش هو ۽ نہ وري هن ان کي مڙهڻ ٿي چاهيو جيڪي سندس اڳين جانشينن جي وقت کان خوش اسلوبيءَ سان جاري رهندیون ٿي آيون. ويهين حصي جي بجاءِ هن پنهنجي حڪومت ۾ وصيتن ۽ وراثت ۾ ڏهون حصو جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو (سندس موت ڪانپوءِ وري قديمي سرشتي کي لاڳو ڪيو ويو) پنهنجي حڪومت ۾ هن سڄي بادشاهت جي هر سرشتي ۽ هر نظام کي ڏاڍَ ۽ زبردستيءَ سان هڪ جهڙو ۽ هڪ جيترو تباهہ ڪيو. [114]

جڏهن صوبن جا سيئي ماڻهو، روم جا شهري هئڻ جي ناتي سان ٽئڪسون ڏيڻ لڳا تہ ڪاٿي اُهي ٽئڪسن جي سلسلي ۾ قانوني رعايت وٺڻ جا حقدار ٿي پيا ڇو تہ هو اڳ ۾ ئي رعيت جي حيثيت ۾ ادا ڪري چڪا هيا. البت ڪئراڪالا ۽ ان جي پٽ جي حڪومت جا اِهي اصول نہ هئا. سندن دؤر ۾ پُراٽا توڙي نوان، ٻئي ٽئڪس ساڳي وقت تي صوبن مٿان مڙهيا ويندا هيا. اهو اعزاز ٿڻ سڪندر جي انتظار ۾ هو جنهن تخت تي ويهڻ شرط محصولن

کي ٽيهَ حصا گهٽائي ڇڏيو [115] ۽ ماڻهن تان برداشت کان وڌيڪ بار هٽائي کين سُک ۽ سکون جو ساهه کڻڻ ڏنو. اهو اندازو لڳائڻ البت ناممڪن آهي ته هڪ ننڍي سماجي برائي جي باقيات کي ختر ڪرڻ طرف هن جو ڏيان ڇو نه ويو: پر هڪ زهريلو ٻوٽو جنهن کي پوريءَ طرح تباهه نه ڪيو ويو هو، ٻيهر پنهنجي پوري توانائيءَ سان نمودار ٿي وڏو وڻ ٿيڻ لڳو ۽ ايندڙ وقت ۾ رومي دنيا کي پنهنجي موتمار پاڇي سان انڌاري ۾ ڍڪي ڇڏيائين. هن تاريخ بيان ڪرڻ ۾. اسان کان گهڙي گهڙي زميني ٽڪس جي باري ۾ پڇيو ويندو. سِرَن جي ڪٽپ تي محصول لڳائڻ جي باري ۾، ۽ اَنَ، شراب، تيل، گوشت وغيره پيدا ڪرڻ جي باري ۾، جيڪي صوبن کان ورتا ويندا هئا ته محلات، فوج ۽ گاديءَ جي هنڌ جي خرچن جو پُورائو ڪجي.

جيستائين روم ۽ اٽلي کي، حڪومت جي مرڪز جي حيثيت سان مانُ ملندو رهيو، ته هڪ قومي جذبي کي قديمين پاڻ وٽ محفوظ ڪري رکيو هو جنهن کي آهستي آهستي اُنهن به اختيار ڪيو جن کي شهري هٽڻ جو اعزاز بعد ۾ مليو هو. فوج جي عهدن تي گهٽو ڪري اُهي ماڻهو ٽي پرتي ٽيا جن کي آزادانه تعليم ملي هئي، کين قانون ۽ لِکَ پڑهه جي ڇڳيءَ طرح سِکيا مليل هئي، ۽ جيڪي تيزتر قدم کڻندا اڳتي وڌندا ويا ۽ لڳاتار ترقي ڪندا مٿاهين مقام تي پهتا ۽ وڏا شهري توڙي فوجي اعزاز ۽ وقار وجي ماڻيائون. [116] رومي بادشاهت جي تاريخ جي پهرين ٻن صدين ۾، اهڙا ته نامياريا بادشاهه تخت تي ويٺا جو اهو اُنهن جي زبردست اثر ۽ مثالن قائم ڪرڻ جو نتيجو هو جو فوجين به پوريءَ طرح اُنهن جا حڪم مڃيا ۽ تابعداري ڪئي.

پر جڏهن روم جي آئين جي آخري بچاءَ کي به ڪُراڪالا پجي ۽ بيدرديءَ سان لتاڙيو ته ملڪيتن جي قبضن جي ورهاست فوجين جي مختلف طبقن ۾ ڪامياب ٿيندي نظر آئي. اندرين صوبن جا مهذب ماڻهو ٿي وڪيل ۽ مئجسٽريٽ ٿيڻ جي لياقت ۽ اهليت رکندا هئا. هٿيارن ۽ اسلحي سنيالڻ جو اَهنجو ڪم سرحدن جي هارين ۽ بربرن لاءِ ڇڏيو ويو هو، جيڪي پنهنجي ڪئمپ ڪانسواءِ ٻيو ڪو ملڪ نه ڄاڻندا هيا، جنگ ڪانسواءِ ٻي ڪنهن به سائنس جي کين خبر ڪانه هئي ۽ نه وري ڪنهن شهري قانون جي کين ڪا سُڌ هئي، فوجي نظر ۽ ضبط اُنهن لاءِ نئين ڳالهه هئي. خوني هٿن، وحشي طور طريقن ۽ نراسائيءَ وارن انقلابن سان، اُنهن کڏهن ته حفاظت ڪئي پر گهٽو ڪري بادشاهن جي تخت کي اونڌي ڪرڻ جا ڪَڏا ڪرتوت ۽ ڪِنا ڪرَ ڪيائون.

باب - ڇهون
حاشين بابت وضاحتون.

1. آگسٽ جي تاريخ. (ص - 71)
2. ڊائن ڪئسيئس (Ixxvi,1284)
3. سال 186ع جي لڳ ڀڳ، ايبر - ڊي ٽيليمانٽ، ڊائن جي هڪ فقري تي سخت پريشان آهي جنهن ۾ شهزادي فاسٽينا، جيڪا 175ع ۾ مري چڪي هئي، لاءِ هڏايو ويو آهي ته هن سيورس ۽ جُوليا جي شادي ڪرائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو هو. (Ixxiv, 1243) مانَ واري موادَ سهيڙيندڙَ اهو شايد وساري ڇڏيو ته ڊائن، هڪ حقيقتَ کي نه پر سيورس جي خوابَ کي بيان ڪيو آهي ۽ خوابَ نه ته ڪنهن دائري ۾ ماپندا آهن ۽ نه وقت يا خلا ۾ اُهي سمائجي سگهندا آهن. ڇا ايبر - ڊي ٽيليمانٽ اهو تصور ڪيو هو ته شاديون روم ۾ زُهره جي مندر (Temple of Venus) ۾ جنسي ميلاپَ ذريعي مڪمل ٿيندیون آهن؟ (بادشاهن جي تاريخ - تامر - 389 ۽ رمارڪ - 6)
4. آگسٽ جي تاريخ (ص - 65)
5. آگسٽ جي تاريخ (ص - 85)
6. ڊائن ڪئسيئس (Ixxvii, 1304,1312)
7. مِنيج جو مضمون ڏسو. ڊايو جينز لرٽيس جي ڇاپي جي آخر ۾، ڊي فيمنِس فلاسافيَس جي عنوان هيٺ.
8. ڊائن (Ixxvi, 1285) آريليس وکٽر.
9. سندس چَٽيءَ جو نالو بٽسٽينَس هو، جيڪو سندس ماءُ جي ڏاڏي تان ڪنيو ويو هو. پنهنجي حڪومت ۾ هُن ائنٽونينَس جو لقب اختيار ڪيو جيڪو قديمي وڪيلن ۽ تاريخدانن طرفان اختيار ڪيو ويندو آهي. سندس موت ڪانپوءِ، ماڻهن جي مٿس ناراضگيءَ سبب ڪيس تارنٿس ۽ ڪئراڪالا جهڙن ٽوڪَ وارن نالن سان ياد ڪيو ويو. پهريون نالو هڪ مشهور ڪرتب ڏيکاريندڙ تان ڪنيو ويو هو ۽ ٻيو گال جي هڪ ڊگهي جُبي تان ورتو ويو هو جنهن کي هن روم جي ماڻهن ۾ ورهايو هو.
10. ايبر - ڊي ٽيليمانٽ، ڪئراڪالا جي ترقيءَ جو سَنُ 198ع ٻڌائي ٿو ۽ ساٽس گينٽا جي گڏجي هلڻ جو سال 208ع ڄاڻايو ويو آهي.
11. هيروڊئن، (iii,130) آگسٽن تاريخ ۾ ڪئراڪالا ۽ گينٽا جي زندگين جو احوال.
12. ڊائن (Ixxvi, 1280) وغيره.
13. اوسيَن جي شاعري. (i,175) (اوسين لاءِ وڌيڪ ڏسو باب - 1، حاشيي جو نوٽ - 12)
14. هڪ حقيقت ته اوسيَن جو ڪئرأڪل دراصل روم جي تاريخ جو ڪئراڪالا آهي، جيڪو برطانوي قدامت جو هڪڙوئي نقطو آهي، جنهن ۾ مسٽر مئڪفرسن ۽ مسٽر وٽاکر ٻئي هر خيال آهن: ۽ ان راءِ قائر ڪرڻ ۾ ڪجهه ڏکيائي به آهي. ڪئليڊونيا جي جنگ ۾، سيورس جي پُٽ کي ائنٽونينَس جي لقب سان ڄاتو ويندو هو: ۽ اهو عجيب

تو لڳي تہ جابلو نوجوانَ پاڻ کي ڪنهن ٻي نالي سان سڏرايو هوندو. سو ٻہ چار سال پوءِ، ڪنهن ٻہ روم جي ماٺهوءَ بادشاهہ جي موت کان پوءِ ٻي بگڙيل نالي سان ڪيس نہ پکاريو ۽ قديمي موڙخن ٻہ سندس ٻي نالي متعلق ڪجهہ نہ لکيو آهي. (ڈسو ڊائن، (Ixxviii, 1317) آگسٽ جي تاريخ (ص - 89) آريليس وکٽر.

15. ڊائن، (Ixxvi, 1282) آگسٽ جي تاريخ (ص - 72) آريليس وکٽر.

16. ڊائن، (Ixxvi, 1283) آگسٽ جي تاريخ (ص - 89)

17. ڊائن، (Ixxvii, 1284) هيروڊئن (iii,135)

18. مسٽرهيوم حقَ تي لڳي تو جڏهن هو هيروڊئن جي لکيل ٽکري تي پنهنجي اچرجَ جو اظهار ڪري تو (iv, 139) جيڪو، هن موقعي تي، بادشاهي محل جي نمائندگي ڪندي ان کي پوري روم جي وسعت برابر پائيندو. پئليٽائن جبل (Palatine Mount) جنهن تي اهو آڏيو ويو هو، لڳي تو تہ سڄي علائقي کي ان والاري چڏيو آهي، جيڪو وڏ ۾ وڏ يارهَن کان ٻارهَن هزار فوٽن جي گول دائري اندر هوندو (ڈسو ناردپني جي روما انٽيڪا ۾ نوٽيشيا ۽ وکٽر جي تحريرن کي) ۽ اسان کي اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ دولت مند سينيٽرن پنهنجن باغن ۽ وڏن وڏن محلاتن سان پوري شهر کي وکوڙي چڏيو هو، جن جو ڪافي وڏو حصو آهستي آهستي مختلف بادشاهن پنهنجي قبضي ۾ ڪري چڏيو هو. جيڪڏهن گينا جئنيڪيولر تي اُنهن باغن ۾ رهندو هو جن تي سندس نالو رکيل هو ۽ ڪئراڪالا ايسٽئلين تي، مئسيناس جي اُنهن باغن ۾ رهندو هو جيڪي سندس نالي ۾ هئا، جو تہ ٻئي هڪ ٻئي جا ڪٽر مخالف پائر هڪ ٻئي کان ڪيترائي ميل پري رهندا هئا؛ پوءِ ٻہ جيڪي وچ وارا يا اوسي پاسي جا ٽکرا هيا، سي سئلسٽ جي شاهي محلاتن، ليوسيولَس، ائگريپا، ڊوميٽين، ڪئيئس وغيرہ جي محلاتن سان ڀرجي ويا هيا جيڪي شهر جي چوگرد پکڙيل هئا، هڪ ٻئي سان ڳنڊيل ٻہ هئا ۽ تائبر ۽ گهٽين مٽان ٺهيل پُلين ذريعي شاهي محلات سان پڻ ڳنڊيل ۽ لاڳاپيل هئا، ۽ هيروڊئن جي هن وضاحت کي، جيڪا هونئن تہ ڪمال جي آهي، هڪ وڏي مقالي يا تفصيلي مضمون جي ضرورت پوءِ ٻہ محسوس ڪئي تي جتي ايا ٻہ وڌيڪ وضاحتون هجن ۽ جنهن ۾ قدير روم جو تفصيلي نقشو پڻ موجود هجي.

19. هيروڊئن. (iv, 139)

20. هيروڊئن. (iv, 144)

21. سيراپس جي مندر ۾، ڪئراڪالا هڪ ترار کي وڃي پاڪ ڪيو ۽ ان کي مانُ ڏنو، جنهن سان، هُن چواڻي تہ، هن پنهنجي پاءُ گينا کي قتل ڪيو هو. (ڊائن ((Ixxvii, 1307)

22. (هيروڊئن. (iv, 147) روم جي هر ڪٽمب ۾، هڪ ننڍو گهر، هيڊڪوارٽر جي نزديڪ هوندو هو جنهن ۾ اُنهن ديوتائن جا بُت حفاظت ۾ رکيل هيا ۽ جن جي پوڄا ٻہ ڪئي ويندي هئي جن کي نگران يا سرپرست سمجهيو ويندو هو؛ ۽ هتي اهو ڄاڻائڻ ٻہ ضروري آهي تہ جن تي عقابَ جو نشان يا فوجي نشانَ اُڪريل هوندا هيا تہ اُنهن ديوتائن جو مرتبو، ٻين کان مٿاهون هوندو هو. هي هڪڙو شاندار ادارو هو جنهن جي نظر ۽ ضبط جي منظوري مذهب کان ٻہ حاصل ڪيل هئي. (ڈسو لپسيَس، ڊي مليشيا رومانا ۾. (iv, 5, v,2)

23. هيروڊئن، (iv,148) ڊائن (Ixxvii, 1289)

24. گيٽا کي ديوتائن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو. هن جي ياءِ چيو: ("جيڪڏهن هو زندهه ناهي ته پوءِ پلي ڪيس ديوتا ڪري پوڄيو وڃي. ") (آگسٽ جي تاريخ - ص - 91) ڪِن تمغن تي گيٽا کي پوڄڻ جا نشان ۽ اهڃان مليا آهن.

25. ڊائن (Ixxvii, 1301)

26. ڊائن (Ixxvii, 1290) هيروڊئن (iv,150) ڊائن (ص - 1298) ٻڌائي ٿو ته پوڳ چرچي وارن شاعرن کي هرگز جرئت نه ڏيندي هئي ته پنهنجن ڊرامن ۾ گيٽا جو نالو استعمال ڪن. ۽ جن به سندس نالو هلڪي نموني سان استعمال ڪيو ته اُنهن جو ملڪيتون ضبط ڪيون ويون.

27. ڪئراڪالا، ڪيترن ئي فتح ڪيل ملڪن جا نالا پاڻ اختيار ڪيا ۽ پرٽينئڪس مشاهدو ڪيو ته گيٽيڪس جو نالو، (ڪيس گائن يا گيٽي تي هنجو وڏو اثر هو) پارٽيڪس يا اَليمٽيڪَس لاءِ سنو واڌارو ثابت ڏيندو. (آگسٽ جي تاريخ - ص - 89).

28. ڊائن. (Ixxvii, 1291) هُو شايد هيلوڊِيَس ۽ ٽريسا پيٽَس جي حسب نسب مان هو. هي وطن جا اُهي حُبدار هٿا جن جي مضبوط پر بيڪار ۽ بي سمجهي واري ڇڳائيءَ کي ٽئيسيٽَس لازوال ڪري ڇڏيو آهي.

29. اهو عام طور چيو ٿو وڃي ته پٽِينين خود، شهزادي جُوليا جو ويجهو عزيز هو.

* صفحو - 115 (يعني نيرو)

30. ٽئسيٽَس - (تاريخ جا ورق - xiv, 2)

31. آگسٽ جي تاريخ. (ص - 88)

32. پٽِينين جي باري ۾ ڏسو هينيشَس جي، روم جي قانون بابت تاريخ.

33. ٽائبيريَس ۽ ڊوميٽيَن، روم جي پسگردائيءَ مان ڪڏهن به ٻاهر نه نڪتا. نيرو ٽوري وقت لاءِ يونان ويو هو. ("اُهي جيڪي بادشاهن جي تعريف ڪن ٿا، سي اُنهن کان پري آهن: ۽ جيڪي اُنهن جي ويجها آهن سي ٿي سندن شڪار ٿين ٿا.") (ٽئسيٽَس - تاريخ - iv, 75) .

34. ڊائن. (Ixxvii, 1294)

35. ڊائن، (Ixxvii, 1307) هيروڊئن. (iv - ص - 158) پهريون. ان کي هڪ ظالمانه قتل جو نالو ٿو ڏئي ۽ ٻيو ان کي دوکيبازي پڻ چوي ٿو. اهو عين ممڪن ٿو لڳي ته اليگزئندريا جي ماڻهن، ڪِل پوڳ واري طنزن ۽ شور شرابي سان آمِرَ کي چيڙائي ڇڏيو هو.

36. ڊائن - (Ixxvii, 1307)

37. ڊائن، (Ixxxvi, 1284) مسٽر ووٽن (روم جي تاريخ - ص - 330) کي ان ڳالهه جو امڪان نظر ٿو اچي ته هي اصول ڪئراڪالا طرفان ايجاد ڪيو ويو هو جنهن کي سندس پيءُ ڏانهن منسوب ڪيو ويو هو.

38. ڊائن (Ixxvii, 1343) اسانکي ٻڌائي ٿو ته ڪئراڪالا هر سال فوجين کي ستر مِلين ڊراچمي (جيڪي ٽيويهه لکَ، پنجاهه هزار پائونڊن جي برابر ٿين ٿا) جا غير معمولي ۽ بيحد قيمتي تحفا ڏيندو هو. ڊائن جو اسانکي فوج جي پگهار بابت ٻيو حوالو به مليو آهي جيڪو باريڪ بينيءَ سان پُرجهڻ ۽ پروڙڻ جهڙو آهي، پر اُهو حوالو اَڻ ڇنو، نامڪمل ۽ شايد بگڙيل به آهي، تنهنڪري ان تي وڌيڪ ڪجهه چوڻ مناسب نه ڏيندو. عقلمنديءَ واري ڳالهه اها ٿي

معلوم ٿئي تہ بادشاهي محافظن کي ٻارهن سؤ پنجاهہ ڊراچمي (چاليهہ پائونڊ سالياني ملندا هيا. (ڊائن ,Ixxvii) (1307 آگسٽس جي حڪومت ۾ کين روزانو ٻہ ڊراچمي يا ديناري (يا دينار) يا 720 ساليانا ملندا هيا. (ٽئسيٽس - تاريخ جا ورق - i, 17) ڊوميٽين جنهن سپاهين جي پگهار جي چوٽين حصي جيترو واڌارو کين ڏنو. اُن مطابق محافظن جو پگهار 960 ڊراچمي ٿي ويو. (گرونوويس، ڊي پيڪونيا ويٽري iii, 2) پگهارُن ۽ ٻين نوازشن جي لڳاتار واڌاري بادشاهت کي تباهہ ڪري ڇڏيو. جو تہ سپاهيءَ جي پگهار سان گڏ اُنهن جو تعداد ۽ لڳاتار وڌندو رهيو. رُڳو بادشاهي محافظن جي واڌاري تي ۽ نظر ڪجي تہ اُنهن جو تعداد 10000 کان وڌي 50000 ماڻهن تائين وڃي پهتو.

39. ڊائن، (Ixxviii, 1312) هيروڊئن (iv, 168)

* صفحو 117 (ڪئراڪالا)

+ صفحو 117 (1700 ۾)

++ صفحو 117 (سُئيٽن جو چارلس XII, 1718 - 1682)

40. سڪندر (Alexander) جي نالي ۽ اعزازن لاءِ ڪئراڪالا جي شوق ۽ اشتياق بابت اسانکي بادشاهہ جي تمغن مان شاهديون ملن ٿيون جيڪي اڄا تائين محفوظ آهن. (ڏسو اسپانيہ جو شاهڪار مضمون - xii ، هيروڊئن iv, 154) جنهن ڪِلَ ڏيارينڊ تصويرون وڃي ڏنيون هيون. جن ۾ هڪ طرف سڪندر جو چهرو ڏيکاريو ويو آهي تہ ٻي طرف ڪان ڪئراڪالا جو مُنهن ظاهر ڪيو ويو آهي.

41. هيروڊئن؛ (iv, 169) آگسٽ جي تاريخ. (ص - 94)

42. ڊائن (Ixxxix, 1350) اِلاگابئلس پنهنجي اڳئين جانشين کي نِندي ٿو تہ هن تخت تي ويهڻ جي جرئت ڪئي هئي؛ توڙي جو هڪ شاهي منهندار جي حيثيت ۾. ڪيس سينيٽ جي اندر داخل ٿيڻ جي اجازت ڪانہ هئي ڇو جو پڙهو ڏينڊ ايوان کي ڪارروائيءَ لاءِ هموار ڪري ڇڪو هو. پلاٽئينس ۽ سيجنس جي ذاتي مهرباني۽ ذريعي مڃيل قائدي جي ڇڪڙي ٿي هئي. اُهي گهوڙن پالڻ جي درجي کان مٿي چڙهيا، پر اُنهن آفيس جي اداري کي سينيٽر توڙي سفارتي ايلچي جهڙن عُهدن سان محفوظ ڪيو.

43. هو نيوميديا ۾ سِرئريا جو رهواسي هو ۽ پلاٽين جي گهر ٻار ۾ نوڪري ڪرڻ سبب ڪيس، بخت لڳو پر ان جي تباهي جڏهن آئي تہ پاڻ معجزاتي طرح بچي ويو. سندس دشمنَ چوندا هئا تہ هو ڇائي ڇَرَ کان غلام هو، ۽ جيڪي بدناميءَ وارا ڪرَ هن ڪيا تن ۾ آکاڙي جي ترار بازي ۾ شامل هئي. دشمن جي ڇَرَ ۽ حالتن جي باري ۾ ڪوڙن الزامن ۽ ٻُهتاتن هٽڻ جو فيشن يوناني تقرير ڪرڻ جي ماهرن ۾ تمام گهٽو هليو جيڪو گهٽي وقت تائين يعني گرامر جي استادن جي دؤر تائين رهيو.

44. ڊائن ۽ هيروڊئن. ٻنهي مئڪرينس جي خوبين ۽ خامين بابت تمام غير جانبداريءَ سان ۽ ڪُلي ڳالهايو آهي؛ پر آگسٽن جي تاريخ ۾ سندس زندگيءَ جي مصنف، اُنهن ويڪائو اديبن، جنکي الاگابئلس خريد ڪيو هو، جي ڪاپي ڪندي، سندس اڳئين جانشين جي ڪردار کي داغدار ۽ اوانداهو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

45. ڊائن (Ixxviii, 1336) جيترو مصنف جو مقصد صاف آهي، بادشاهَ جي نيتَ بہ اوتري ئي شفاف آهي: پر مسٽر ووٽن تجربيڪار فوجين، رنگروٽن ۽ پراٽن ۽ نوَن فوجين جي فرق کي سمجهڻ جي کوشش ڪندي غلط فهميءَ جو شڪار ٿي ويو آهي. (روم جي تاريخ - ص - 347)

46. ڊائن. (Ixxviii, 1330) زِيفلن (Xiphilin) جو اختصار، توڙي جو خاص مقصد بيان نٿو ڪري، پوءِ بہ موجوده حوالي جي نسبت سان اصلَ کان بہ وڌيڪ واضح آهي.

47. لئمپرائيڊيَس مطابق (آگسٽ جي تاريخ - ص - 135) سڪندر سيورَس 29 سال، 3 مهينا ۽ 7 ڏينهن جيئرو رهيو. جيئن تي هنکي 19 مارچ 235ع تي ماريو ويو هو ۽ هو 12 ڊسمبر 205ع تي ڄائو هو: تہ اهڙي طرح ۽ ان حساب سان هو اُن وقت سمجهو تہ 13 سالن جو هو. ۽ سندس وڏو سوٽ هن وقت 17 سالن جو هوندو. هي حساب ڪتاب نوجوان شهزادن مطابق آهي، بجاءِ هيروڊئن جي واتَ جي، جنهن مطابق هو 3 سال اڳا بہ عمر جو ننڍيو ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح متضاد تاريخ وار واقعن ۽ شاهدين جي حساب سان، هُو الاگابئلس جي حڪومت کي، سندس اصلي وقت کان بہ سال اڳا وڌيڪ اينگهائي ٿو وڃي، سازش جي تفصيلن بابت ڏسو ڊائن. (Ixxviii, 1339) ۽ هيروڊئن (V, 184)

48. هڪ خطرناڪ جانشيني جنهن ذريعي هو نڪلي ائنٽونينس ٿيو، هر سپاهيءَ کي، جنهن پنهنجي آفيسر جو سِرُ ڪٽي کين آڻي ڏني، خانگي ملڪيت جو مالڪ بنايو ويو ۽ ڪيس مليٽري ڪميشن جو حقدار بہ بڻايو ويو.

49. ڊائن، (Ixxviii, 1344) هيروڊئن. (V, 186) جنگ امِي جي ڳوٺ جي ويجهو وڙهي وئي هئي جيڪو لڳ ڀڳ سوا بہ سؤ ميل ائنٽئڪ کان پري آهي.

50. ڊائن (Ixxix, 1353)

51. ڊائن، (IXXiX, 1363) هيروڊئن (V, 189)

52. هي نالو داناءِ عالمن طرفان ترتيب ڏنو ويو آهي جيڪو ہن شامي لفظ ِ مان ٺهيو آهي: الا (خدا) ۽ گبل (ناهڻ) يا پلاسٽڪ ديوتا جيڪو سِج لاءِ مناسب ۽ صحيح صيغو آهي. (ووٽن جي روم جي تاريخ - ص - 378)

53. هيروڊئن (V, 190)

* صفحو - 122 (نوَما جي وقت کان وٺي، روم جي حفاظت ڪرڻ لاءِ مقدس شيلڊون هوندیون هيون.)

+ صفحو - (پالس جو بت - اٽينس)

54. هو ويسٽا (Vesta) ديوي جي مقدس مندر ۾ چوريءَ ڦهڙيو. ۽ هڪ بُت ڪٽي ويو جيڪو هن پالس جو سمجهيو، پر ويسٽا جي خادمن فخر مان چيو تہ هڪ پاڪ شئي سان جيئن تہ دوکو ڪيو ويو هو تہ ناپاڪ چوريءَ ڪندڙ کي نڪلي بت ئي هٿ لڳو هو. (آگسٽ جي تاريخ - ص - 103)

55. ڊائنَ، (Ixxix, 1360) هيروڊئن (V, 193) بادشاهت جي رعيت جي ماڻهن کي مجبور ڪيو ويو تہ نئين شادي شده جوڙي کي دل کولي تحفا تحائف ڏين. ۽ جيڪو ڪجهہ هنن الاگابئلس جي حڪومت ۾ واعدو ڪيو هو، اُهو اُنهن کان ميميا جي انتظام هيٺ پوريءَ طرح وصول ڪيو ويو.

56. نئين چٽي جي ايجاد ڪرڻ تي وڏا انعام ڏنا ويا. پر جيڪڏهن ان جي ذائقي جي تعريف ڪئي وئي تہ فقط انڪري جو انجو مؤجد چٽي ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڪائيندو هو. جيستائين وجي ڪاهي شئي ڳوليائين جيڪا بادشاهي ذائقي جي پسند مطابق هجي. (آگسٽ جي تاريخ. ص - 111)

57. هو ڪڏهن بہ سامونڊي مڇي نہ ڪائيندو هو سواءِ ان جي تہ هو سمنڊ ڪان ڪافي مفاصلي تي هجي. ان ڪان پوءِ هو مڇين جا نايابَ نمونا ماٺهن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو ۽ جن کي تمام مهانگو خريد ڪري. ٻهراڙيءَ ۾ پنهنجن هارين ۾ وڃي ورهائيندو هو. (آگسٽ جي تاريخ - ص - 109)

58. ڊائن. (Ixxix, 1358) هيروڊئن (V, 192)

59. هيروڪلس زوٽيڪس قبضو ڪري ويهي رهي ها. جيڪڏهن هو ڪيس دوا ڪارائي پنهنجي مخالف کي ڪمزور نہ ڪري ڇڏي ها جنهن ڪان اهڙو امتحان ورتو ويو هو جيڪو سنڊس شهرت ڪان مٿي ۽ وِتَ ڪان ٻاهر هو. انڪري ڪيس ذليل ڪري محلات مان ٻاهر ڪڍيو ويو. ڊائن (Ixxix, 1363, 1364) هڪ نچڻيءَ کي شهر جو مُنهندار بنايو ويو. هڪ ٽانگي هلائيندڙ کي نگراني ڪرڻ جو ۽ حَجر کي ڪاڏي خوراڪ ورهائڻ جو منهندار مقرر ڪيو ويو. هنن ٽِن آفيسرن ۽ ڪيترن ٻين هيٺين ملازمن لاءِ خاص خيال رکڻ جون سفارشون ڪيون ويون جو تہ اُنهن جا (" جنسي يا اولاد پيدا ڪرڻ جا عضوا تمام وڏي سائيز جا هئا.") (آگسٽ جي تاريخ - ص - 105)

60. سنڊس زندگي جي واقعن جو ڪو سادو سهيڑيندڙ پي. (آگسٽن تاريخ ۾ - ص - 111) ان ڳالهہ ۾ شڪَ جو گمان ڪري ٿو تہ سنڊس براين بابت ڪافي مبالغي ڪان ڪم ورتو ويو آهي.

61. ڊائن. (Ixxix, 1366) هيروڊئن (V, 195, 210) آگسٽ جي تاريخ (ص - 105) آخري تي تاريخدان (ايمپرائيڊيس) لکي ٿو تہ کين بهترين مصنف مليا آهن. جيئن هن پنهنجي انقلاب جي احوال ۾ لکيو آهي.

62. اِلاگابئلس جي موت جو دوُر ۽ سڪندر جو تخت تي ويهڻ - انهن واقعن وڏن عالمن ۽ ذهين ماٺهن جو توجهہ ڇڪرايو آهي. جيئن پاگي. ٽِليمانٽ. ويلسيچي. وِگنولي ۽ ٽور - ائبريا جو پادري. سوال يقيني طور تي اُلجهائيندڙ آهي: پر آءٌ ايجا تائين ڊائن جي راءِ سان متفق آهيان جو تہ سنڊس حساب ڪتاب کي صحيح رکڻ جي سچ ڪان کوبہ انڪار نہ ڪري سگهندو ۽ سنڊس متن جي صفائي کي درست سمجهڻ زيفلن. زونارَس ۽ سيڊرينَس طرفان ڪيل تحقيق سان بہ يڪراءِ آهي. اِلاگابئلس تي سال. نَوَ مهينا ۽ چار ڏينهن حڪومت ۾ رهيو يعني مئڪرينس تي فتح حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ۽ ڪيس 10 مارچ 222ع تي ماريو ويو. پر تمغن جو اسان وٽ ڪهڙو جواب آهي جيڪي بلاشڪ سچا ۽ اصلي هئا. جنهن مطابق سنڊس طرفان مئجسٽريٽ جا اختيار سنيالڻ جو پنجون سال ٿو وڃي ٻيهي؟ اسانجو جواب مانواري ويلسيچي سان گڏ اهو هوندو تہ مئڪرينس جي قبضي کي ختم بلڪ تباهہ ڪيو ويو هو ۽ ٻيو تہ ڪئراڪالاجي پُٽ. سنڊس حڪومت جو دوُر پنهنجي پيءُ جي موت ڪان شمار ڪيو آهي. هن وڏي مشڪل جي حل تي وڃڻ ڪان پوءِ. جيڪڏهن سُٽ اجا بہ ڪٽي ڪٽي منجهيل نظر اچي تہ ان کي يا تہ ڇڏي ڇڏجي يا جتان ٽورو ڪجهہ منجهيل هجي تہ اُهو اُتان صفا ڪٽي ڏار ڪري ڇڏجي.

63. آگسٽ جي تاريخ (ص - 114) هن غير معمولي مٽي ۾ ڪڍ سان، سينيٽ جي ڪوشش هئي ته ڪوڙن دعويدارن جون اُميدون خاڪ ۾ ملائجن ۽ فوجين ۾ تفرقو ختر ڪجي.

64. محتسب ميٽلَس نيوميديڪَس روم جي ماٿهن اڳيان پنهنجي تقرير ۾ تسليم ڪيو ته جيڪڏهن ڪائنات جو خالق اسانکي عورتن جي مدد کان سواءِ جيئڻ جي اجازت ڏئي ها ته اسان جيڪر تڪليف ڏيندڙ ۽ آزاريندڙ ساٿيءَ کان آجا هجون ها، ۽ اسان کي شادي جي ترغيب فقط تڏهن ڏئي ها جڏهن اسان ذاتي خوشيءَ جي مقابلي ۾ قومي خدمت ڪيون ها. (آلس گيليَس (i,6)

* صفحو - 125 (نيرو جي ماءُ)

65. ٽئسيٽَس - تاريخ جا ورق (xiii, 5)

66. آگسٽ جي تاريخ (صفحا - 102, 107)

67. ڊائن، (Ixxx, 1369) هيروڊئن (vi, 206) آگسٽ جي تاريخ (ص - 131) هيروڊئن جيڪو امير ماٿهوءَ جي نمائندگي ڪري ٿو، ڪيس معصوم ٿو چوي. آگسٽن جي تاريخ ۾ ڊيڪسيپَس جي تحقيق جي حوالي سان هن کي نِندي ٿو ۽ سڪندر جي زندگي خلاف سازش ڪرڻ جو ذميدار سمجهي ٿو. ٻنهي جي وچ ۾ ڪو فيصلو ڏيڻ نا ممڪن ٿو لڳي: پر ڊائن هڪ اهڙو شاهد آهي جنهن تي ڪو به الزام نٿو ڏئي سگهجي ۽ هن نوجوان شهزاديءَ خلاف، ميميا جي حسدَ ۽ ظلمن لاءِ کولي لکيو آهي ته سڪندر کي خود ڏاڍو افسوس ٿيندو هو پر ان جي مخالفت ڪرڻ جي ڪيس جرئت نه ٿيندي هئي.

68. هيروڊئن، (vi, 203) آگسٽ جي تاريخ (ص - 119) پويون اسان کي اشارن ۾ ٻڌائي ٿو ته جڏهن ڪو قانون پاس ٿيندو هو ته وڏا وڏا قانوندانَ، وڪيل ۽ تجربيڪار سينيٽرَ، ڪائونسل جي مدد ڪندا هيا ۽ اُنهن جارايا ڪائنٽ جدا جدا ۽ لِکت ۾ ورتا ويندا هيا.

* صفحو - 126 (تخمينو يا اندازو لڳايائين)

69. آگسٽن جي تاريخ ۾ سندس زندگيءَ جو احوال ڏسو. ڪنهن به فرق جو اندازو نه لڳائي سگهندڙ سهيڙيندڙ، مزيدار ٽوٽڪن ۽ قصن کي، فضول ۽ اجاين حالتن جي بارَ هيٺ پُوري ڇڏيو آهي.

70. ناپختہ طنزن جي تيرهين طنز ڏسو.

71. آگسٽ جي تاريخ (ص - 119)

72. ڏسو آگسٽ جي تاريخ (صفحا 116-117) جنهن ۾ سڪندر ۽ سينيٽ جي وچ ۾ ٿيل بحث مباحثي جو پورو تفصيل ڇاڻايل آهي، اهو واقعو 6 مارچ تي ٿيو، سال گهٽ ڪري 223ع هو، جڏهن رومين سندس حڪومت جا ٻارهن مهينا خوشي ۽ اطمينان سان گذاريا هئا. ڪيس ائنٽونينَس جي اعزاز ۽ خطاب ڏيڻ کان اڳ ۾، سينيٽ چپ چاپ ۾ ڏنو پئي ته سڪندر ان خطاب کي پنهنجي خانداني نالي طور استعمال ڪندو يا نه.

73. بادشاهَ جي اها چوٽي گهٽي مشهور ٿي ته: "هُن پنهنجن فائدن جي بجاءِ فوجين جي مفادن جو وڌيڪ خيال رکيو جو ته قومي سلامتيءَ جو دارو مدار اُنهن تي هو."

74. توڙي جو سڪندر جي زندگي جي ڪتاب جو مصنف، (آگسٽ جي تاريخ - ص - 132) اُليين خلاف فوجين جي بغاوت جو ذڪر ڪري ٿو، پر جيڪا تباهي آئي هئي، ان کي بيان نه ڪيو اٿس تہ مبادا سندس پسنديده هيرو جِي ان مان انتظامي ڪمزوري ظاهر ٿي پوي. هِن ڇاٽي واٽي ڇڏيل حقيقت منجهان، اسان کي ان مصنف جي مرتبي ۽ بيان جي صفائيءَ جي ڇڪيءَ طرح خبر پوي ٿي.

75. اُليين جي مقدر ۽ سندس خطري جي احوال بابت، ڈسو هڪ وڏيل ڇڇريل نتيجو ڏائن جي تاريخ ۾. (Ixxx, 1371)

76. انٽونٽس ريمرائڊ ڏائن ڪسيس (Annotat Reimer and Dion Cassius) (Ixxx, 1369)

77. جوليس سيزر هڪ بغاوت کي مِنتن جي ساڳي لفظ ڪُرٽز، (Quirites) سان مائيٽو ڪيو هو جيڪو فوجين جي مخالف لفظ نفرت جي معنيٰ سان استعمال ٿيو هو ۽ ايڏائيندڙن کي ايترو تہ هيٺ ڪري ڇڏيو هيائين جو اُهي رعيت جي سطح تي اچي ويا هئا. (ٽئسيٽس - تاريخ جا ورق 43 ,i)

78. آگسٽ جي تاريخ. (ص - 132)

79. مِٽئلي مان ورتل (آگسٽ جي تاريخ - ص - 129) چُونڊ صحيح ۽ بهتر هئي. هارَهن سالن جي ٽورڙي عرصي ۾، مِٽئلي پنج دفعا ڪونسل (سفارتي مئجسٽريٽ) ٿيو ۽ پنج اعزاز حاصل ڪيائين. (ڈسو ويلس پيٽرڪيولَس (ii, 11) ۽ فاسٽي.

80. آگسٽن جي تاريخ ۾، سڪندر جي زندگي، هڪ مڪمل شهزادي بابت هڪ تصور آهي ۽ سائروپيديا، (Cyropaedia) (سائرس جي تصوراتي زندگي - زينوفن) جي هڪ فضول ڪاپي آهي. سندس حڪومت جو احوال جيئن هيرودئن ٻڌايو آهي، مڃڻ جهڙو، اعتدال پسندي وارو ۽ ان دؤر جي عمومي تاريخ سان ملندڙ جلندڙ آهي ۽ ڪجهہ ناراضگي جهڙن تفصيلن ۾ ڏائن جي اعتماد واري لهجي ۾ ان تصديق بہ ڪئي آهي. ان جي باوجود شايد هڪ خسيس قسر جي تعصب مان، اسانجي ليکڪن جي گهٽي تعداد، هيرودئن کي گهٽ وڌ ڳالهايو آهي ۽ آگسٽن تاريخ جي ڪاپي ڪئي آهي. ڈسو ٽليمانٽ ۽ ووٽن. متضاد تعصب يا نظريي کي جيڪڏهن ڈسجي تہ جُولين بادشاهہ (سزٽريبس ۾ (ص - 315) شاميءَ جي عورتاڻي ڪمزوريءَ تي وڌي اطمينان سان روشني ٽو وجهي ۽ سندس ماءُ جي لوبيَ ۽ هوَس جي خراب فطرت کي نِندي ٿو.

81. ڏائنوسيس مطابق، جيڪو صحيح حقيقتون ٻڌائيندو آهي، شهر خود فقط هڪ سؤ اسٽڊيمن جيترو يا ساڌا هارهن ميل روم کان پري هو، جيتوٽيڪ کي هاهريان حصا جيڪي ايٽروريا جي طرف ڏي هيا، اُهي اڄا پرانهين پنڌ تي هيا. ناردِيني، پنهنجي هڪ مجيل مضمون ۾، عام تاثر تروڙي ٻن پادرين جي راءِ جي مخالفت ڪئي آهي ۽ هن وِي (Veii) کي سِوِيٽا ڪاسٽيلينا (Civita Castellena) کان جدا ڪري انکي هڪ نندي هنڌ آئسولا (Isola) سان ملائي ڇڏيو آهي جيڪو روم ۽ برئسئينو ڊنڊَ جي وچ رستي تي آهي.

82. لِوي جو چوٽون ۽ پنجون ڪتاب ڈسو. روم جي آدمشماريءَ موجب، ملڪيت، اقتدار ۽ ٽئڪسن جو نظام هڪ ٻئي سان لازم ملزوم هيا.

83. پِلني - فطري تاريخ، (xxxiii, 3) سِسيرو (ii, 22) ۽ پلو تارچ - پي - اِيمل ۾ (ص - 275)

84. ڈسو، زمانن جي جمع ٿيل دولت بابت هڪ بهترين بيان. (ليوسن جي فارس (Phars) ۾ - iii, 155)

85. ٽئسيٽس - تاريخ جا ورق ۾ (i, 11) اهو ائپين جي وقت ۾ وجود ۾ آيو هوندو (اليگزئندريا جو تاريخدان - ٻي صدي عيسوي).

86. پامپيو ۾ پلو تارچ (ص - 642)

87. اسٽرابو. (xvli, 798)

88. ويليس پٽرڪيولس. (ii,39) لڳي ٿو ته هو گال جي ناٿي جي آمدني کي وڌيڪ اهميت ڏئي ٿو.

89. يوبوئڪ، (The Euboic) فونيشين (Phoenician) ۽ اليگزئندرين (Alexandrian) وزن ۽ پئسن جو ماپو ائٽڪ (Attic) کان توڙ ۽ ٻَها ۾ ٻيڻ تي مٽي هو. ڏسو هوپر کي قديمي تور ۽ ماپ جي سرشتي بابت. (ص - iv, c5) اهو عين ممڪن آهي ته ساڳين ماپن کي ٽائر کان ڪارٿيج نِيو ويو هجي.

90. پاليبيس (xv, 2)

91. ائپين، پيونسز ۾ (ص - 84) (Appian in Punicis)

92. ڊائوڊورس سِڪولس. ڪتاب پنجون. ڪاڊِر (Cadiz) کي فونيشيا جي ماڻهن حضرت عيسيٰ (عليہ السلام) کان هڪ هزار سال کان ٻہ اڳ تعمير ڪيو هو. ڏسو ويليس پٽرڪيولس (i, 2)

93. اسٽرابو (iii, 148)

94. پلني. فطري تاريخ (xxxiii, 3) هو ڊالمٽيا ۾ هڪ چاندي جي کاڻ جو ذڪر ڪري ٿو جنهن مان رياست کي روزانو پنجاهہ پائونڊ ملندا هئا.

95. اسٽرابو. (x, 485) ٽئسيٽس - تاريخ جا ورق (iii, 69, iv, 30) ڏسو ٽورنفورٽ ۾ (ساموئيدي سفر) گِيارس (Gyarus) جي ڏکن جو داستان پر دلچسپ انداز ۾.

96. لپسيس ڊي مٽگنيٽيو ڊائن رومانا (ii, 3) جنهن ۾ آمدني بابت ٻڌايو ويو آهي ته هڪ سؤ پنجاهہ ملين سونا تاج ٺهندا هئا؛ پر سندس، سڄو ڪتاب توڙي جو علم ۽ ذهانت سان لکيل آهي، ڪجهہ خيالي ۽ تصوراتي ڳالهيون ان ۾ وڌيڪ ٽيون نظر اچن.

97. ٽئسيٽس - تاريخ جا ورق. (xiii, 31)

98. ڏسو پلني - (فطري تاريخ - iv, 28, xii, 18) سندس مشاهدو ته، روم ۾ هندستان جي مال ۽ مختلف جنسن جو وکرو سندن اصلي قيمت کان سؤ دفعا وڌيڪ قيمت تي ٽيندو هو. اسانکي وٽج واپار ۽ اُپت جو ٻہ ان مان اندازو ٿئي ٿو ته جيڪا اصلي قيمت هئي ته اُها ٻہ اٺ لکَ پائونڊن کان مٽي هئي.

99. قديمي ماڻهو هيرن کي ڪٽڻ جي فن مان ناواقف هئا.

100. ايم - بوچاد (M. Bouchaud) هڪ مضمون ۾ هيءَ فهرست هڪ ڊائجيسٽ مان ڪاپي ڪئي آهي ۽ انکي وري پنهنجي تشريح ۽ بيان ڪرڻ ۾ گهٽو اينگهائي ويو آهي.

101. ٽئسيٽس - تاريخ جا ورق (i, 78) ٻن سالن کانپوءِ، ڪپاڊوشيا جي غريب بادشاهت جي ايجا ننڊي ٽيٽ سبب ٽائبيريس کي، ٽئڪسن جي آڏو اڏ تائين گهٽائڻ جو بهانو ملي ويو. پر عوام لاءِ اهو فائدو فقط ٿوري عرصي لاءِ هيو.

102. ڊائن ڪئسيس (Iv, 799, Ivi, 825)

103. رقم جو حساب هڪ اندازي موجب لڳايل آهي.

104. جيئن ته روم جو قانون ڪيترن زمانن تائين رهيو ته ان موجب ماڻهو جي طرف کان جيڪي رشتا هوندا هيا ته اُنهن کي وڏن جي ملڪيت جو حصو يا وراثت نه ملندي هئي. هي سخت قانون بعد ۾ انسانذات طرفان ختر ڪيندو ويو ۽ آخر ڪار جسٽينين بادشاهه اِن کي مڪمل طور تي ختر ڪري ڇڏيو.

105. پلني - مدح سرائي ۾ (سي - 37)

106. ڏسو هينيشيس - روم جي قديمي قانون ۾. (ڪتاب - ٻيو).

107. هورئس، (II) سٽ، (V) پيٽران، (سبي - 116) پلني - خط ۽ تحريرون .(ii, 20)

108. فلپ ۾ سِسيرو. (ii, 16)

109. ڏسو سندس خطَ ۽ تحريرون. هر اهڙي وصيتَ، ڪيس گذري ويل ماڻهن لاءِ سندس دل ۾ احترام جو جذبو پيدا ڪيو ۽ جيڪي جيئرا هيا، اُنهن سان انصاف ڪيائين. هو ٻنهي سان نيڪ رهيو ۽ هڪ پُٽ سان به سهڻو سلوڪ ڪيائين جنهن کي سندس ماڻ لاوارث ڪري ڇڏيو هو (V, 1)

110. ٽئسيٽس - تاريخ جا ورق - (xiii, 50) اسپرٽ ڊيس لائڪس (xii, 19) (Esprit des loix)

111. ڏسو پلني جي مدح سرائي، آگسٽن تاريخ ۽ برمن.

112. خراج ڏيڻ (جيئن ان کي چيو ويو) جي پوڪ نه ڪيندي هئي، چو ته بااخلاق شهزادا لکين رپيا پاڻهي موڪلي ڏيندا هيا جيڪي ڏانهَن رهيل هوندا هيا.

113. نوَن شهرين بابت پلني اسان کي تفصيل سان ٻڌائي ٿو. (مدح سرائي، 37,38,39) ٽراجن هڪڙي قانون کي چپرايو هو جيڪو سندن ئي فائدي ۾ هو.

114. ڊائن (Ixxvii, 1295)

115. جنهن به ڏهه آرِي (Aurei) ڏنا جيڪو دستوري ٽڪس هو، ته ان کان آريز (Aureus) جي ٽئين حصي کان مٿي نه ورتو ويندو هو يا وري اوترن ٽُڪرن جا سونا سِڪا، سڪندر جي حڪم مطابق ناهيا ويندا هيا. (آگسٽ جي تاريخ (ص - 127) سلماسيس (Salmasius) جي بيان سميت.

116. ڏسو ائگريڪولا، ويسپاسيان، ٽراجن، سيورَس ۽ سندس ٽِن چٽا پيٽي ڪندڙن جي زندگين جو احوال ۽ ان کانسواءِ ٻيا جيڪي به ان دؤر جا نمايان ماڻهو هٿا، اُنهن بابت پڻ ضرور پڙهو.

باب - ستون

مئڪسيمن جي ترقي، سندس ظلمَ ۽ آمريت - سينيٽ جي حڪمن هيٺ آفريڪا ۽ الليه ۾ سياسي وڪوڙ - خانه جنگيون ۽ بغاوتون - مئڪسيمن، سندس پٽ ۽ مئڪيمس، بلبينس ۽ ٽن گورڊيئنس جو بيدرديءَ سان قتل- قبضو ۽ فلپ جون آزادانه رانديون.

دنيا ۾ جيڪي به حڪومت ڪرڻ جا مختلف طريقا رائج رهيا آهن، اُنهن مان سڀني کان وڌيڪ ٽوڪون ۽ طنزون، موروثي بادشاهت تي ٿيون آهن. جا ان ڳالهه تي ڪاوڙ واري ڪِلَ نه ايندي ته پيءُ جي مرڻ تي، قوم جي ملڪيت، ڏاندن جي ڏَڻ وانگر سندس معصوم ٻار جي حوالي ڪئي وجي جنهن کي ايا تائين نه ماڻهو سڃاڻندا هجن ۽ نه وري هُو به پنهنجي پاڻ کي ئي سڃاڻندو هجي: ۽ وڏا بهادر جنگي جوڌا ۽ بيحد عقلمند ۽ داناءَ به، بادشاهت تي پنهنجو فطري حق ڇڏيندي، بادشاهي هِندوري (جنهن ۾ بادشاهت جو ننڍڙو جانشين ستل آهي) آڏو گوڏا ڪوڙي احترام سان وجي بيهن ۽ قَسم تي پنهنجي مضبوط ۽ غير مشروط وفاداري جا واعدا وجي ڪن؟ هن ڳالهه تي طنز ڪجي توڙي ان کي بحث جو موضوع بنائجي ته ان گفتگو جا ڪيترائي عجيب و غريب رُخَ نڪري ايندا يا ڪيترين ئي رنگين تصويرون ٺهي پوَنديون: پر جيڪڏهن اسان هن موضوعَ تي سنجيدگيءَ سان غور ڪريون ته اسان هر اُن راءِ جو احترام ڪنداسين جنهن ذريعي وارث هٿ يا تخت تي ويهڻ جو سلسلو ڪنهن اصول يا ضابطي جو محتاج هجي ۽ جنهن ۾ جذبن يا اُمنگن جو ڪو به دخل نه هجي، ته ان صورت ۾ اسان ان مفاد پرست کي به خوشيءَ سان قبول ڪنداسين جيڪو ماڻهن جي ان هجوم کي به محروم ڪري ڇڏي جيڪي وري پنهنجي لاءِ ڪنهن مالڪ جي تلاش ۾ پنهنجن اختيارن کي استعمال ڪرڻ گهرن ٿا جيڪو وري هيڪاري خطرناڪ طريقو آهي.

آرام سان ۽ ٽڏو ٿي سوچڻ سان، اسان شايد هڪ تصوراتي حڪومت جو خاڪو ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون جنهن ۾ اختيارَ هر وقت ان شخص جي حوالي هجن جيڪو انتهائي لائق انسان هجي ۽ جنهن کي ماڻهن جي آزادانه ۽ ڏاندليءَ بغير ووٽن ذريعي ان مسندَ تي ويهاريو وجي. پر تجربو اهڙين تصوراتي رِڪَن ۽ تجويزن کي اونڌو ڪري ٿو ڇڏي ۽ ساڳئي وقت اهو به سيکاري ٿو ته هڪ وڏي معاشري ۾، بادشاهه جي اليڪشن ذريعي، اختيارَ نه ته ڪنهن ڏاهي کي سؤنپجي سگهجن ٿا نه وري جتي ماڻهن ۾ وڏَ وڏَ جي ڪائي موجود هجي، اُتي ڪنهن مناسب نمائندگيءَ جي ڪنهن گنجائش جو ڪو امڪان رهي ٿو. فوج جو ئي هڪ واحد ادارو آهي جيڪي پاڻ ۾ متحد به رهن ٿا ۽ ڪنهن مسئلي تي هڪ ٻئي سان متفق به ٿين ٿا، ساڳي وقت اُنهن وٽ ايتري طاقت به هوندي آهي جو آسانيءَ سان ٻين شهرين تي حڪر به هلائي سگهن ٿا: پر فوجين جو تشدد ۽ غلاميءَ سان مانوس مزاج، ڪين ڪنهن به قانوني يا شهري ۽ آئيني سرشتي لاءِ انتهائي نا مناسب محافظ جو درجو ڏئي ٿو. انصاف، انسانيت يا سياسي عقلمندي، اهڙيون خاصيتون آهن جن کان هو خود به نا واقف ۽ ڪورا آهن ته ٻين ۾ اُهي ڳُڻ نه ته ڳولي سگهندا ۽ نه ان لاءِ ڪين ڪو داد ئي ڏئي سگهندا. بهادريءَ ذريعي احترام حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ فراخ دلي ۽ سخاوت سان ووٽن کي خريد ڪري

سگهجي ٿو: پر ٻنهي مان پهرين گهٽو ڪري وحشي مخالفن جي ور چڙهي ويندي آهي ۽ پوئين کي آزمائڻ لاءِ عوام جا کيسا خالي ڪرڻا پوندا ۽ اهو ممڪن آهي ته ٻئي لياقتون گڏجي تخت جي مالڪ جي خلاف ٿي وڃن جنهن ۾ زوردار ڪردار لازمي طور دلير مخالف جوئي هوندو.

ڇرَ جي بلنديءَ جو فخر، جنهن کي وقت ۽ ماڻهن جي گڏيل راءِ طرفان منظوري ۾ ملي چڪي هجي، ماڻهن جي رتبن جي ڇنا پينيءَ ۾، هڪ ڪرو ۽ سادگيءَ وارو جذبو آهي جنهن ۾ ڪنهن خطري يا امڪاني حسد جي گهٽ ۾ گهٽ گنجائش آهي. مجيل حق، ڪنهن ۾ تفرقي يا اٽڪٻٽ جي اُميدن کي اُجهائي ٿو ڇڏي ۽ هڪ واضح تحفظ جواحساس، بادشاهه جي ظلر کي ختر ڪري ٿو ڇڏي. هن تصور جي پختي ٽيڙ ۾، اسان تي، يورپ جي بادشاهتُن جي پر امن جا نشينيُن ۽ نرميءَ سان هلندڙ انتظام جا احسان آهن. جيڪڏهن ان ۾ ڪو نقص آهي تہ ان جو ڪارڻ ڪيترين ئي خانہ جنگيون آهن جن ذريعي ايشيا جو هڪ آمر ڪنهن ٻ جذبي هيٺ پنهنجن ابن ڏاڏن جي تخت تائين پهچڻ جي ڪوشش ۾ ٽيٺ ڪامياب ٿي وڃي ٿو. ان جي باوجود اوپر جي ملڪن ۾ پي، مقابلي جو دائرو حڪومت ڪندڙ شهزادن جي محلاتن تائين محدود ٿئي ٿو. ۽، جيئن ٿي وڌيڪ خوش نصيب مخالف، ترار يا تير ڪمان جي زور تي پنهنجن پائرن کي پنهنجي رستي تان هٽائڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو تہ پوءِ ڪيس نِيڇ درجي جي رعيت کان ڪنهن ٻ حسد يا دشمنيءَ جو ڪو اونو يا انديشو نٿو رهي. پر سينيٽ طرفان اختيارن ملڻ ڪانپوءِ روم جي بادشاهت، نفرتن جي ور چڙهي، بيحد افراتفريءَ جو شڪار ٿي وئي هئي. شاهي توڙي صوبن جا ٻيا معزز خاندانَ، جمهوريہ جي معزور ماڻهن اڳيان سرخرو ٿي پنهنجو وارو وڃائي ويا هيا. روم جا قديمي خاندانَ، لڳاتار سيزرس جي آمريت ۽ ظلمن هيٺان پيڙ جي ڇڪا هيا؛ ۽ جڏهن تہ اُهي شهزادا گڏيل دولت جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هئا ۽ پنهنجي پويان ايندڙ نسلن[1] جي مسلسل ناڪامين کان نااُميد ٿي ڇڪا هيا، تہ اهڙي صورتحال ۾ اهو ناممڪن ٿي لڳو تہ موروثي جانشيني يا وراثت جو ڪو ٻ تصور رعيت جي ماڻهن جي ذهن ۾ آيو هجي. ڪو ٻ ماڻهو پنهنجي ڇرَ کان تخت جو دعويدار نہ ٻئي ٿي سگهيو پر هر ڪنهن کي اهو پنهنجي اهليت تي مليو. خواهشن جون جرئت واريون اُميدون، قانون ۽ بدگمانين جي جائز رڪاوٽن سبب چڑواڳ چڏيل هيون، ۽ هيٺاهين طبقي جا ماڻهو ٻ ڪنهن غلطي يا حماقت کانسواءِ پنهنجي بهادري ۽ دولت جي زور تي فوج جي عهدن کي حاصل ڪرڻ جي آرزو رکندا هئا جنهن ۾ ڪو هڪڙو ڏوهہ ٻ ڪيس پنهنجي ڪمزور مالڪ کان دنيا جي وڏي ۾ وڏي تخت کسڻ ۽ پاڻ کي ان تي ويهارڻ جو اهل ٻنائي ڇڏيندو هو. سڪندر سيورَس جي قتل ۽ مئڪسيمِن جي تخت تي ويهڻ ڪانپوءِ، ڪو ٻ بادشاهہ پاڻ کي تخت تي محفوظ نہ سمجهندو هو، ۽ سرحد تي مقرر ٽيل ڪو بربر هاري پي هاٿي ان وڏي ۾ خطرناڪ مرتبي تي پهچڻ جي آرزو رکندو هو.

ان واقعي کان اٽڪل ٻٽيهہ سال اڳ، بادشاهہ سيورس، اوپر جي هڪ مُهم کان واپس ٽيندي، پنهنجي پٽ ڪيٽا جي ملينري جي راندين جي سالگرهہ ملهائڻ خاطر ڪجهہ دير لاءِ ٽريس ۾ رڪيو هو. ايئن ٿي لڳو تہ سڄو ملڪ ميڙن ۽ ٽولن جي صورت ۾ پنهنجي بادشاهہ جي ديدار ڪرڻ لاءِ گڏ ٿي ويو هو تہ اُتي هڪ مضبوط قدَڪاٺَ جي نوجوان بربر جهنگلي لهجي ۾ بادشاهہ کي عرض ڪيو تہ ڪيس انعام خاطر ڪشتي وڙهڻ جي اجازت ڏني وڃي. جيئن تہ ٽريس جي هاريءَ جي هٽان جيڪڏهن روم جو سپاهي شڪست کائي وڃي ها تہ نظم ۽ ضبط جي وقار ۽ آبرو جي

بيعزتي ٿي پوي ها. تنهنڪري هن جو مقابلو ڪٿپ جي ڪجهه ٻين مضبوط ۽ جاننڙ جوانن سان ڪرايو ويو. جن مان سورهَن کي هُو بنا دير ۽ لڳاتار ڏَسيندو ۽ زمين تي ڪيرائيندو ويو. مقابلي ۾ سوپ ڪنڊ تي ڪيس ننڍن ۽ معمولي تحفن ذريعي انعام ڏئي خوش ڪيو ويو ۽ ڪيس اها اجازت ڏني وئي ته فوج ۾ شامل ٿيڻ لاءِ پنهنجو نالو درج ڪرائي ڇڏي. هي ڏينهن تي، خوشي ۽ شادمانيءَ ۾ سرشار اهو ٻرٻر نوَن رنگروٽن ۾ پري کان نمايان ٻيلو هو ۽ پنهنجي ملڪ جي رسمن ريتن مطابق خوشي ۾ نچي ٽپي رهيو هو. جيئن ئي هن محسوس ڪيو ته بادشاهه سلامت ڏانهَس متوجه ٿيو هو، هُو ڊوڙ پائي سندس گهوڙي ڏانهن ويو ۽ پيرين پيادو بغير ٿَڪَ جي بادشاهه سان گڏ هليو ۽ تمام ڊگهو پنڌ هو لُڙ وڃي رهيو هو. " اي ٽريسيا جا نوجوان"! بادشاهه سيورَس ڪيس حيرت مان مخاطب ٿيو. " ڇا تون هن ڊوڙ کانپوءِ ٻيهر ٻه ڪشتي وڙهي سگهندين؟ " "وڏي خوشيءَ سان سائين،" اَڻ ٿَڪل نوجوان جواب ڏنو ۽ بنا دير بادشاهه، فوج جا ستَ پهلوان سپاهي سندس مَقابلي لاءِ ميدان ۾ لاهي ڇڏيا. سندس لاجواب بهادري ۽ بي مثال قوت جي مظاهري ڪرڻ تي ڪيس سونو پَٽو انعام ۾ ڏنو ويو ۽ ڪيس فورن اُنهن گهوڙن جي نگهباني تي مقرر ڪيو ويو جيڪي خاص بادشاهه سان جاڏي ڪاڏي گڏ هوندا هيا. [2]

مئڪسيمِن، جيئن سندس نالو ٻڌائي ٿو، توڙي جو بادشاهت جي سرحدن اندر ڄائو هو، پر سندس نسل بربرن جي هڪ قبيلي سان ڳانڍاپيل هو. سندس پيءُ گاٽ هو ۽ ماءُ آلاني قبيلي جي هئي. هن هر موقعي تي پنهنجي قدَڪاٺ جيتري بهادريءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ سندس اصلي پرائتو طاقت وارو روپ يا ته گهڙجي ڪجهه مهذب ٿي چڪو هو يا وري سندس دنيا جي ڄاڻ ۽ معلومات وسيع ٿيڻ سبب ان کي لڪايو ويو هو. سيورَس ۽ ان جي پٽ جي حڪومت ۾، سينچورين (سؤ سپاهين مٿان مقرر آفيسر) جو خطاب به ٻنهي شهزادن جي مٽس مهرباني‌ءَ سبب ڪيس ڏنو ويو. جيڪو پهريون هو اُهو اهليت ۽ لياقت کي پرکڻ جو وڏو منصف هو. احسانمنديءَ جي احساسَ، مئڪسيمن کي ڪُراڪالا جي قاتلن هيٺ ڪنهن به عهدي وٺڻ کان منع ڪئي. وقارَ ڪيس سيڪاريو هو ته هو اِلاگابئلس جون زناٽيون بيعزتيون برداشت نه ڪندو. سڪندر جي جانشينيءَ جي موقعي تي هو محلات ۾ آيو ۽ شهزادي هُن کي اهڙي عهدي تي مقرر ڪيو جيڪو اُن خدمت لاءِ به مناسب هو ۽ سندس مانَ جي مطابق به هو. فوجين جو چوٿون نمبر جٿو، جنهن ۾ ڪيس مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو هو، جلدي سندس سنيال هيٺ اچي ويو جيڪو نظم ۽ ضبط ۾ بهترين ليکيو ويو. سپاهين طرفان زبردست داد ڏيڻ تي جن پنهنجي باڪمال سورمي کي اَجئڪس ۽ هرڪيولس (Ajax and Hercules) جا خطاب ڏنا، ڪيس لڳاتار " پهرئين مليٽري ڪمان" [3] جون ترقيون ملنديون رهيون: ۽ جيڪڏهن هُن ۾ ايجا تائين پنهنجي وحشي نسلُ جا نمايان آثار نظر نه اچن ها ته شايد بادشاهه پنهنجي پيٽ جي شادي مئڪسيمن جي پُٽ سان ڪري ڇڏي ها. [4]

بجاءِ سندس وفاداريءَ جي وصفن جي مضبوط ٿيڻ جي، اهڙين مهربانين ٽريسيا جي هاريءَ جي اندر ۾ اقتدار جي اُمنگن جي باهه ٻرڪائي ڇڏي. جنهن اُهي مهربانيون يا عهدا پنهنجي قابليت يا اهليت جي پيٽ ۾ گهٽ سمجهيا، ۽ هو مجبور هو ته لاچار ٿي ان کي مجي ۽ سلام ڪري جيڪو ڪانئُس مٽاهون هو. توڙي جو سچي ڏاهپ کان هو بيگانو هو، پر پوءِ به خود مطلبي واري مڪاريءَ کان خالي نه هو جنهن ڪيس اشارن ۾ ٻڌايو هو ته بادشاهه کي هاٿي

فوج جي حمايت حاصل ڪانه هئي ۽ ان کيس اهو سيکاريو هو ته فوجين جي اندر ۾ بادشاهه خلاف ڏکندڙ چٽنگ کي ڦوڪ ڏئي ٻرڪائي ۽ پنهنجي لاءِ سندن حمايت حاصل ڪري. سُنن ڪردارن جي شهزادن خلاف نفرتن ۽ بي بنياد تُهمتن ذريعي زهر ڦهلائڻ ۽ اُنهن جي نيڪين تي بہ الزام هڻڻ ۽ وري وڏي چالاڪي ۽ مڪاريءَ سان اُنهن کي اهڙين براين سان ملائڻ جن سان اُنهن جي ڪا ٽوڙي بہ هڪ جهڙائي هجي، تمام آسان آهي. فوجين خوشيءَ سان مئڪسيمن جي موڪليل نمائندن کي ٻڌو. اُنهن کي پنهنجي ذِلت واري صبر ڪرڻ تي سخت ڪاوڙ آئي جنهن سبب هنن شام جي زائفاٽين عادتن رکڻ واري حاڪر طرفان ڏنل تڪليفن کي سڃا سارا تيرهن سال برداشت بہ ڪيو هو ته اُنهن جي حمايت بہ ڪئي هئي جيڪو هڪ بزدل هو ۽ ٻنهي يعني پنهنجي ماءُ توڙي سينيٽ جو غلام هو. اُنهن وڏي واڪي چيو ته هاڻي مناسب وقت هو ته شهري حڪومت جي فضول آسيبَ کي اُڇلائي ڦٽو ڪجي، ۽ هڪ سچي سپاهيءَ کي چونڊارائي شهزادي ۽ جنرل جي عهدي تي ويهارجي، جنهن ڪٿمين ۾ تعليم ورتي هجي، جنگين ۾ حصو ورتو هجي، جيڪو شان شوڪت کي قائم رکندو ۽ پنهنجن سائين ۾ بادشاهت جا خزانا ورهائيندو. رائين ندي جي ڪناري تي، فوجين جي وڏي لشڪر کي جمع ڪيو ويو، جن کي خود بادشاهه طرفان سڏاريو ويو، جيڪو ايا فارس جي جنگ کان واپس آڻي پهتو ئي مسَ هو ته کيس ٻيهر مجبور ڪيو ويو ته جرمني جي بربرن خلاف هڪدم ڪُوچ ڪري. سڪيا جي مڪيہ شعبي ۽ نين پرتين جي تجويزن جي سنيالَ مئڪسيمن جي ذمي هئي، هڪ ڏينهن جيئن هو فوجي مشڪُن جو معائنو ڪرڻ ويو، ته فوجين يا ته ڪنهن اوچتي جذبي کان، يا اڳ تيار ڪيل سازش هيٺ، پنهنجي بادشاهه کي سلام پيش ڪيو، ۽ سندس صفا انڪار ڪرڻ تي، نعرا هڻي کيس خاموش ڪيائون ۽ تڪڙ ڪندي سڪندر سيورَس کي قتل ڪري پنهنجي بغاوت جي تڪميل ڪيائون.

سندس موت جي واقعي بابت مختلف ڪهاڻيون آهن. اُهي ليکڪ جيڪي سمجهن ٿا ته هو مئڪسيمن جي احسان فراموشي ۽ اقتدار جي هوَس کان بيخبري يا لاتعلقي باعث مئو، بيان ڪن ٿا ته هلڪي ڪاڏي ڪائڻ کان پوءِ هو فوجين کي ٽوري دير لاءِ ڏسي رهيو، پوءِ وڃي آرامي ٿيو، ۽ ان ڏينهن جي ستين ڪلاڪ ۾، سندس ٽي محافظن جو هڪ ٽولو، بادشاهي شامياني ۾ داخل ٿيو ۽ مٿس حملو ڪري گهاوَن مٿان گهاوَ رسائي هڪ سئي ڪردار واري ۽ ڪنهن بہ شڪ شُبهي کان مٿي هڪ نيڪ شهزادي کي قتل ڪري ڇڏيائون.[5] جيڪڏهن اسان هي بيان کي ڏسون ۽ ان تي اعتبار ڪريون، جيڪو واقعي ڪجهہ وڌيڪ ويساهه ڪرڻ جهڙو لڳي ٿو ته مئڪسيمن کي هيڊڪوارٽر کان ڪيترائي ميل پري ڪيترن ئي فوجي جٿن گڏجي تخت تي ويهاريو ۽ هن، فوجين طرفان ڪُليل اعلانن جي مقابلي ۾، مخفي خواهشن تي وڌيڪ اعتبار ڪيو جيڪي هن ۽ فوجين جي وچ ۾ هيون. سڪندر وٽ ڪافي وقت هو ته پنهنجي فوجين ۾ وفاداريءَ جو هلڪو جذبو بہ جاڳائي، پر سندس بي دليءَ واي وفاداريءَ جو جذبو، مئڪسيمن جي ظاهر ٿيڻ سان الائي ڪيڏانهن اُڏامي ويو، جنهن پاڻ کي فوجي اداري جو دوست ۽ وڪيل ڪري پاڻ کي پيش ڪيو: بس بِنادير ۽ هڪ ئي آواز ۽ راءِ سان تاڙيون وڄائي ۽ وڏو داد ڏئي ڪيس رومين جو بادشاهه چونڊيو ويو. ميميا جو پٽ فريب ڪري پڄي ۽ پنهنجي شامياني ۾ واپس ويو، ۽ هاڻي سندس خواهش هئي ته ڪنهن طرح سان هُو اُن انجام کان ۽ وڏي هجوم طرفان پنهنجي بيعزتي کان بچي سگهي. هڪ مئجسٽريٽ، ڪجهہ سينچورين ۽ ڪجهہ ملڪ الموت جهڙن

وزيرن سندس جلدئي پيڇو ڪيو، پر پنهنجي مٽان حياتيءَ کي پوري ڪندڙ وار جو مردانگيءَ سان مُنهن ڏيڻ بجاءِ، سندس دانهُن ۽ مِنتن، سندس حياتيءَ جي آخري گهڙين ۾ ڪيس بيعزتو ڪري ڇڏيو ۽ سندس جائز رحم وارين اپيلن، هن سوچيو ته سندس معصوميت ۽ بدنصيبيءَ سبب ضرور اثر ڪندين، پر اُنهن باعث هيڪاري هن لاءِ نفرت جا جذبا پيدا ٿي پيا. سندس ماءُ ميميا، جنهن جي تڪبر ۽ لالچ تي هن وڏي واڪي پنهنجي تباهيءَ جي ڪارڻ هئڻ جو الزام ڏنو هو، پنهنجي پُٽ سان گڏ ختر ٿي وئي، سندس وفادار دوست، سپاهين جي پهرين غضبناڪ ڪاروائي ۾ ئي غرق ڪيا ويا. هين ڪي فقط انڪري بچايو ويو ته اُنهن کي غاصب طرفان وڌيڪ بيدرديءَ سان ماريو ويندو، ۽ جن سان تمام نرم ورتاءُ ڪيو ويو ته اُنهن جون نوڪريون ختر ڪيون ويون ۽ اُنهن کي محلات ۽ فوج مان ٻاهر ڪڍيو ويو. [6]

اڳيان آمَر، ڪئليگُولا، نيرو ڪموڊس ۽ ڪئراڪالا بدنام به هيا ته ناتجربيڪار نوجوان [7] پٽ هيا، شاهي طريقي سان ڪين تعليم ڏني وئي، بادشاهي تڪبر، روم جي عياشي ۽ چاپلوسيءَ جي دوکي واري آواز سندن اخلاق عادتن کي بگاڙي ڇڏيو هو. مئڪسيمن، نفرت جي خوف کان ظلمَ ڪرڻ شروع ڪيا. توڙي جو هُو سپاهين جي ساٿس گهاٽي تعلق تي گهٽو پاڙيندو هو جيڪي اُنهن خوبين جي ڪري سندس عزت ڪندا جيڪي خود هنن ۾ هوندیون هيون: هو ان ڳالهه کان ڇڳيءَ طرح واقف هو ته سندس اصل نسل بربرن جي هينئين طبقي مان هو، سندس وحشي شڪل شبيهَ ۽ شهري زندگيءَ جي فنَ، هُنرن ۽ ادارن کان جهالت جي حد تائين اڻ واقف هو [8] ۽ ان ڳالهه جو به ڪيس ڇڳيءَ طرح احساس هو ته هو بدقسمت سڪندر سيورَس جي هر دلعزيز ۽ وٽندڙ طبيعت جو اوتروئي اڻ وٽندڙ تضاد هو. ڪيس ياد هو ته جڏهن هو ڪجهه به نه هو ته اڪثر ڪري روم جي مغرور ماڻهن جي دَرن تي ساٽن ملڻ لاءِ انتظار ڪندو رهندو هو ۽ اتان جا گستاخ غلام هنجي ملاقات ڪرائڻ کان انڪار ڪندي نه رڳو ڪيس واپس ڪري ڇڏيندا هئا پر گيٽ ڪان اندر داخل ٿيڻ به نه ڏيندا هئا. هن کي ڪجهه ماڻهن سان سندس دوستي به ياد آئي، جن سندس مُفلسيءَ ۾ هنجي مدد ڪئي هئي ۽ سندس اُميدن کي تازگي بخشڻ ۾ هنکي آڻت ۽ تسڪين ڏني هئي. پر اُهي جن سندس مدد ۽ حفاظت ڪئي هئي، اُهي به ٽريس جا رهواسي ۽ ساڳي ڏوهَ جا ڏوهاري هيا جيڪو سندس هو، ۽ اُهو ڏوهه سندس اَڻ چٽي ۽ هيڻاهين نسل جو هو. هن ڏوهه ۾، ڪيترن کي مارايو ويو ۽ سندس ڪيترن محسنن کي مارائڻ تي، پوءِ مئڪسيمن رَتُ جي نه ميسارجڻ واري تحرير ۾، پنهنجي نِيچائي، ڪمينگي ۽ احسان فراموشيءَ لاءِ [9]، ڪجهه جملا تاريخ ۾ محفوظ ڪرائي ڇڏيا.

سندس ڪاريِ ۽ رڳو رَت جي طلبگار طبيعت سبب هو پنهنجي رعيت جي اهڙن سُڻن ماڻهن کي شڪ جي نظر سان ڏسندو هو جيڪي پنهنجي ڇَرَ يا اهليت جي اوچائيءَ ذريعي مٿاهان ماڻهو هيا. جڏهن به ڪيس ڪٽان غداريءَ جو هلڪڙو ڪُنڪو به محسوس ٿيندو هو ته سندس ظلر جي نه ته ڪا انتها هوندي هئي نه اُتي پوءِ ڪا رحم جي رتي به باقي بچندي هئي، بس رڳو بيدردي ۽ بي ترسيءَ جو مظاهرو هوندو هو. هن کي مارڻ جي سازش يا ته پکڙجي پئي يا تيار ڪرائي وئي، ان ۾ مئگس نالي هڪ سفارتي سينيٽر کي خاص ملزم ڇاڻايو ويو. بنادير جي ڪيس، سندس چئن هزار سائين سميت، بغير شاهدن جي، بنا ڪيس هلائڻ جي، ۽ بغير پنهنجي بچاءِ جي موقعي ڏيڻ جي، سيني کي مارايو ويو. اٽلي توڙي پوري بادشاهت ۾ سندس جاسوس ۽ اطلاع ڏيندڙ پکڙيل هئا. تمام معمولي الزام تي به روم

جي پهرئين درجي جا معزز ترين ماڻهو، جن صوبن ۾ حڪومت ڪئي هئي، فوجين جا ڪمانڊر رهيا هيا ۽ جن کي سفارتي ۽ جرئتمنديءَ جا تمغا مليل هيا، اُنهن کي عام ماڻهن جي گاڏين ۾ ويهاري، هٿڪڙيون هٽائي ۽ تڪڙ ۾ بادشاهه اڳيان پيش ڪيو ويندو هو. ملڪيت جي ضبطي، ملڪ کان نيڪالي يا موت اهي ته سندس رعايت ۽ نرميءَ واريون عام سزائون ليکيون ويندیون هيون. جيڪي انتهائي بدنصيب اذيت پوڳيندڙ هيا، اُنهن کي ڪُٽل جانورن جي ڪلُن ۾ سِبرائي مارايو ويو. ٻين کي وري جهنگلي جانورن اڳيان کين پَٽِڻ کائڻ لاءِ اُڇلايو ويو ۽ ايا ٽئين طبقي کي وري ڏنڊَن ۽ لٽين سان مارايو ويو. سندس تن سالن جي حڪومت دوُران، نه ته هُو هڪ دفعو به روم ۽ نه وري اٽلي ويو. سندس ڪئمپ، جيڪا ڪڏهن رائين ته ڪڏهن دنيوب جي ڪنارن کان پئي پٽبي هئي، سندس سخت آمريت جو مرڪز هئي جنهن سان هو قانون ۽ انصاف جي هر اصول کي لتاڙي ۽ چيپاٽي چڏيندو هو ۽ سندس حمايت ۾ فقط ترار جي طاقت [10] هئي جيڪا سندس پٺيرائي ڪندي رهندي هئي. ڪو به اوچي جَڳه وارو ماڻهو، يا نمايان قابليت رکندڙ يا اُهو جنهن کي شهري وهنوار جي ڄاڻ هجي، انهن کي سندس ويجهو ڪابه تڪليف نه ڏني وئي ۽ روم جي بادشاهه جي محل غلامن جي سنپال لهندڙ سردارن ۽ ترار بازن جي قديمي روايت کي وري جيئاريو جن جي وحشيانه طاقت، خوف، هراس ۽ نفرت جو ڏاڪو قائم ڪيو هو. [11]

جيستائين مئڪسيمن جو ظلم، نالیوارن سينيٽرن، نمايان شخصيتن ۽ اهم ماڻهن تائين محدود هو جيڪي پنهنجي گهر تورَي فوج ۾ مقدر جي فيصلن جا منتظر رهندا آهن، عام ماڻهن پنهنجين تڪليفن کي لاتعلقيءَ سان يا شايد خوشيءَ مان ڏٺو. پر آمرَ جي ظالمانه لالچَ، سپاهين جي بي انداز حرص سبب نيٺ عام ماڻهن جي ملڪيتن تي حملا ڪرايا. بادشاهت جي هر شهر کي ڏنجو جدا خزانو ۽ جدا آمدني هئي جن مان هو پنهنجن بيشمار ماڻهن لاءِ اَنُ خريد ڪندا هيا ۽ راندين روندين جو سامان وٺي پنهنجي دل وندرائيندا هيا. اختيارن جي هڪڙي ئي حڪر سان، شهرن جو سمورو ناٽو ضبط ڪري انکي بادشاهي خزاني ۾ جمع ڪرايو ويو. مندرن کي سون ۽ چانديءَ جي دولت کان محروم ڪيو ويو جيڪا ماڻهن جي مَنتَن ۽ قربانين ذريعي اُتي جمع ٿيل هئي؛ ۽ ديوتائن، سُورمن ۽ بادشاهن جي سونن بُتن کي باهه تي پگهرائي اُن مان پئسن جا سِڪا ٺهرايا ويا. اهڙي قسم جا ناپاڪ ۽ غليظ حڪر تيستائين عمل ۾ نه آيا جيستائين ماڻهن جو اُنهن خلاف گوڙ شور يا سندن قتلام نه ٿيو؛ چو ته کيترين ئي جڳهن تي ماڻهن پنهنجن قربان گاهن جي حفاظت ڪرڻ ۽ پنهنجي مرڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏني بجاءِ ان جي جو سندن امن ۽ سکون وارا شهر قُرلٽ ۽ جنگ جي ظلم جو شڪار ٿين ۽ هو خاموش تماشائي بڻجي ان کي ڏسندا رهن. خود سپاهي، جن ۾ هن ناپاڪ بي ادبي واري ڏاڙي جو مال ورهايو ويو هو، اُهي به ڪاوڙ ۾ ڳاڙها ٿي ويا ۽ سختيءَ جو ورتاءُ ڪرڻ لڳا جيئن تشدد ڪرڻ وقت ڪندا هئا ۽ اُنهن کي پنهنجن دوستن ۽ عزيزن جي جائز طعنن جو سخت خطرو محسوس ٿيڻ لڳو. سڄي رومي دنيا ۾، سخت ناراضگي ۽ نفرت جون دانهون ۽ وڏا آواز بلند ٿيڻ لڳا ته انسانذات جي دشمن کان بدلو ورتو وڃي ۽ آخرڪار خانگي ناحق جي هڪ قانون هيٺ، هڪ پُرامن ۽ غير مسلح صوبي هنجي خلاف بغاوت جو ڪليل اعلان ڪري چڏيو. [12]

آفريڪا ۾ مقرر ٽيل ناٽي جو مختيار ڪار هڪ نوڪر هو پر هو هڪ اهڙي مالڪ جي لائق هو جيڪو دلتمندن مٽان مڙهيل ڏنڊن ۽ ضبطين کي ، شاهي خزاني جي بهتر آمدني جو وڏو ذريعو سمجهندو هو. ان طرفان ملڪ جي ڪجهه دولتمند نوجوانن خلاف هڪ غير منصفاڻي فيصلي جو اعلان ڪيو ويو جيڪڏهن ان تي عمل ڪيو وڃي ها تہ اُنهن کي جيڪا پيءُ جي ملڪيت ورثي ۾ مليل هئي، ان مان ڪُجھ جيتري حصي کان هو محروم ٿي وڃن ها. هن انتها جي موقعي تي هڪ ٺهراءُ جيڪو يا تہ سندن بربادي کي مڪمل ڪري يا ان کان کين بچائي، نراسائي مان لڪرايو ويو. وڏي مشڪل سان لالچي خزانچيءَ کان ٽن ڏينهن تائين ڏَرَ (اِلتوءِ) حاصل ڪئي وئي تہ جيئن هو پنهنجين ملڪيتن تان پنهنجن غلامن ۽ هارين کي گڏ ڪري سگهن جيڪي اکيون بند ڪري فقط پنهنجي آقائن جو حڪر مڃيندا هٿا ۽ جهنگلي قسر جا هٿيار جيئن لٽيون ۽ کهاڙيون ۽ هر وقت پاڙ وٽ رکندا هٿا. جيئن اهي سپيئي ناٽي جي مختيار ڪار وٽ گڏ ٿيا تہ اِن سازش جي اڳواڻ مٽس ڪپڙن ۾ لِڪايل خنجرن سان حملو ڪري کيس زخمي ڪري ڇڏيو. ۽ پنهنجن بيشمار گوڙ شور ۽ هُل هنگامي مچائڻ وارن ساٿين سان ٽِسبرس [13] جي ننڍي شهر تي قبضو ڪري ورتائون ۽ روم جي بادشاهت خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيائون. هنن پنهنجون اُميدون، مٽڪسيمن خلاف پوري انسانذات جي نفرت جي بنياد تي رکيون ۽ اُنهن جائز طرح سان پختو عزم ڪيو تہ هو هر طرح سان سخت حقارت جهڙي آمرَ جي مخالفت ڪندا ۽ هڪ بادشاهه جي حمايت ڪيائون جنهن جي نرم مزاجَ اڳي ئي روم جي ماڻهن ۾ هن لاءِ احترام پيدا ڪيو هو ۽ صوبي ۾ جنهن جو اختيار کين اهميت ۽ استحڪام ڏيندو ۽ کين هن خاص مقصد ۾ ڪامياب ڪندو. گورڊيَنس، اُنهن جو مٿجسٽريٽ ۽ سندن انتخاب به هو. سچائي واري ناراضگيءَ مان ان خطرناڪ منصب سنياڻ کان انڪار ڪيو ۽ اڪين مان ڪوڙها ڪاڙيندي کين عرض ڪيائين تہ هو پر امن طريقي سان منتشر ٿي وڃن ۽ سندس دُکهي ۽ معصوم زندگيءَ ۾ ڪيس تڪليف نہ ڏين ۽ سندس ضعيف عمريءَ ۾ شهري رَت سان سندس دامن داغدار نہ ڪن. پر هنن جي ڏمڪين کان مجبور ٿي هن بادشاهيءَ جو منصب قبول ڪيو جيڪو مٽڪسيمن جي حسد ۽ ظلر کان بچاءُ جو طريقو به هو. چو تہ، آمرَن جي فلسفي موجب، جيڪي تخت سنياڻ جي لائق ۽ ان جا اهل آهن، اُنهن کي موت سُونهين ٿي ۽ جيڪي چاٽي واٽي ۽ لائق نہ هوندي به تمنا رکن ٿا تہ اُنهن اڳوات ئي فساد برپا ڪري ڇڏيو آهي. [14]

گورڊيَنس جو خاندان، روم جي سينيٽ ۾ معزز ترين گهراڻن منجهان هڪ هو. پيءُ جي طرفان سندس رشتو گراڇي مان هو ۽ ماءُ جي طرف کان سندس خاندان سلسلو تراجن بادشاهه سان ٿي وڃي مليو. هڪ وڏي ملڪيت سندس جَمَ جي عظمت کي برقرار رکڻ ۾ مددگار ثابت ٿي ۽ ان جي خوشي ۽ شڪراني ۾، هن پنهنجي طبيعت کي باوقار، بيحد مهربان ۽ وٽندڙ رکيو. روم جو اُهو محل جنهن ۾ پومپي جهڙو عظيم شخص رهندو هو، ڪيترن ئي نسلن تائين اُهو گورڊينس جي خاندان جي ملڪيت رهيو هو. [15] اهو محل قديمي تراڤين سان سينگاريل هوندو هو ۽ ان ۾ ساموندي سوپن مان هٿ آيل سامان ۽ تاريخي تصويرون پڻ پيل هونديون هيون. سندس گهر پرينيسٽ (Praeneste) جي رستي تي هوندو هو جيڪو بيحد خوبصورت غسلخانن، پنهنجي ڪشادگيءَ، ٽن شاندار ڪمرن هَر هڪ جي ڏيگهه سوَ فوٽ هئي، ۽ هڪ عظيم الشان وراندو جنهن ۾ چهراٽو به هو ۽ جيڪو به سوَ خوبصورت ٿنين تي بيٺل هو ۽ جنهن ۾ چئن قسمن جا تمام مهانگا ماربل لڳل هيا. [16] ماڻهن جي لاءِ پنهنجي گهر ۾ ۽ پنهنجي خرچ تي هو تقريبَن جا

اعليٰ انتظام ڪرائيندو هو جنهن ۾ جهنگلي جانورن جي نمائش ۽ ترار بازن جي ڪرتبن سان [17] ماڻهن کي تفريح مهيا ڪئي ويندي هئي ۽ رعيت جا ماڻهو پنهنجن پاڻ تي خوش ٿيندا هئا: ۽ جڏهن ته ٻين مٿجسٽريٽن جي فراخ دلي روم جي ڪجهه مانائتن ميلن تائين محدود هوندي هئي پر گورڊين جون شاندار روايتون قائم رهنديو هيون. جڏهن هو مٿجسٽريٽ هو ته سڄو سال هر مهيني ڪو ميلو يا گڏجاڻي پئي ٿيندي هئي ۽ جڏهن هو ڪونسل يا سفارتي مٿجسٽريٽ ٿيو ته جشنن جي سلسلي کي اٽلي جي ٻين مکيه شهرن ڏانهن به وڌايو ويو. پوئين عهدي تي ٻه دفعا ترقي ڪرڻ جو به ڪيس اعزاز مليو. هڪ دفعي ڪئراڪالا طرفان ته ٻي پيري سڪندر پاران، ڇو ته هن ۾ اها وڏي صلاحيت هئي ته هو باڪردار بادشاهن جو احترام وٺڻ ڇاڏندو هو پر آمرن جي حسدَ واري طبيعت کي هو ڇيڙيندو ئي ڪو نه هو. سندس ڏگهي زندگي نهايت ئي معصوميت سان پڙهڻ لڪڻ ۽ روم جي وقار وڏائڻ ۾ گذري هئي ۽ جيستائين ڪيس سينيٽ طرفان آفريڪا ۾ سفارتي ايلچي جي عهدي تي ترقي ڏني وئي جنهن کي سڪندر به منظور ڪيو هو، [18] لڳي ٿو ته هن وڏي دوراندیشي ڪندي فوجين جي ڪمان سنياڻ ۽ ۽ صوبي جي حڪومت جي واڳ وٺڻ کان انڪار ڪيو هو. جيستائين اُهو بادشاهه جيئرو هو ته آفريڪا هنجي نهايت ئي لائق نمائندي جي انتظام هيٺ بلڪل خوش هو: پر بادشاهت تي وحشي طريقن واري مٿڪسيمن جي غاصبانه قبضي ڪانپوءِ، گورڊيَنس هاٿي ماڻهن جي تڪليفن کي فقط گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو جن کي هاٿي هو روڪي نٿي سگهيو. جڏهن هن مجبور ٿي شاهي مرتبو قبول ڪيو، هو ان وقت آسي سالن کان به وڏي عمر جو هو ۽ ائنٽونئنز جي سونهري دؤر جو آخري ۽ معزز ترين ماڻهو هو جن جا اخلاق، هن پنهنجي روبي ذريعي واپس ورايا هئا ۽ جنهن کي هن پنهنجي طويل ۽ شاندار نظر ۾ ياد ڪيو هو جيڪا ٽيهن ڪتابن تي مشتمل آهي، پنهنجي هي ايلچي پُٽ جيڪ ساٿس گڏ سندس نائب جي حيثيت ۾ آفريڪا ويو هو. ان کي به بادشاهه ظاهر ڪيو ويو. سندس هلت چلت ايتري اصلي نه هئي پر سندس ڪردار، اوترو ئي وٺندڙ هو جيترو سندس پيءُ جو هو. هاڻهَن نالي وارين سُريتين (رکيل عورتن) ۽ ٻاهٺ هزار جُلدن جي لائبريري، سندس رنگ برنگي ارادن ۽ لاڙن جي وڇي تصديق ڪئي. پنهنجين پيشڪشن (Productions) جا جيڪي نمونا هن پويان ڇڏيا آهن، ان مان ظاهر ٿو ٿئي ته پهريون تورِي پويون ٻيئي، ڏيکاءَ جي بجاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ رکيل هيون. [19] روم جي ماڻهن نندي گورڊين ۾ اسڪيپيو آفريڪنس واري هڪ جهڙائي ڏني ۽ ڪين اهو ياد ڪري خوشي ٿي ته سندس ماءُ ائنٽونينَس پِيَس جي پوٽي هئي، تنهنڪري هنن سندن لِڪل ڪُٽن ۾ وڏيون اُميدون رکيون ۽ وڏي اشتياق مان سوچيائون ته سندن لياقتن مان عوام کي فائدو ٿيندو جيڪي هن وقت سندن ذاتي زندگي جي عياشيءَ واري سُستيءَ ۾ ماڻهن کان اوجهل رهيون هيون.

جيئن ئي گورڊيَنس جي عوامي اليڪشن جو گوڙ شور ماڻارو ٿيو ۽ ماڻهو پر سڪون ٿيا ته هنن پنهنجو گهر ڪارٿيج ۾ منتقل ڪري ڇڏيو. آفريڪي ماڻهن خوب داد ڏئي خوشين ۽ شادمانن منجهان سندن آڏر پاءُ ڪيو ۽ سندس چگاين جو احترام ڪيو ڇو ته هنن هٽبرٽن جي دؤري کانپوءِ وري ڪنهن روم جي بادشاهه جو شان شوڪت ڏٺو ئي ڪونه هو. پر هنن اجاين داد ڏيڻ جي رسمُن نه ته ڪين طاقتور بنايو ۽ نه وري گورڊيَنس جي اعزازن جي تصديق ڪئي هئي. هڪ مڃيل اصول ۽ عوامي مفاد جي جذبي سينيٽ جي منظوري وٺڻ لاءِ ڪين آماده ڪيو. ۽ صوبي جي عزت وارن ماڻهن کي بنا دير هڪ گروپ جي صورت ۾ روم موڪليو ويو ته پنهنجي مالڪ جي ماڻهن جي طور طريقي بابت

وجي ڪين ٻڌائن ۽ ان قدر کي جائز ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ۽ اهو به ٻڌائن ته هنن وَرهن کان وٺي وڏيون مشڪلاتون ڏٺيون هيون ۽ سوڙ سٺا هيا پر آخر ڪار هو پنهنجي قوت جي مظاهري ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي پيا آهن. نوَن شهزادن جا خطَ ادب ۽ احترام مان لکيل هيا جن ۾ سندن طرفان بادشاهي لقب اختيار ڪرڻ جي معذرت ۽ مجبوري ظاهر ڪيل هئي ۽ آخر ۾ ڪين وڏي نهٺائيءَ مان عرض ڪيل هو ته هو پنهنجي اليڪشن ۽ مقدر کي سينيٽ جي عظمت واري انصاف ڏانهن رجوع ڪن. [20]

سينيٽ جا ارادا نه ته مشڪوڪ هيا ۽ نه پاڻ ۾ ورهايل هئا. گورڊيَنس جو ڇَڙ ۽ سندن باوقار تعلقات ڪين روم جو معزز ترين خاندان بنائي ڇڏيو هو. سندن دولت ۽ بختَ جي شُهرت سبب اسيمبليءَ جا ڪيترائي ميمبر مٿن پاڙيندڙ هئا ۽ سندن لياقت سبب اُنهن جي دوستيءَ جو دائرو بيحد وسيع هيو. سندس نرميءَ واري نظامَ، نه رڳو شهري ۽ هڪ جمهوري حڪومت جي واپسيءَ لاءِ تمام بهتر موقعو پيدا ڪري ورتو هو. ملينري جي تشدد جي خوف ۽ دهشت، جنهن شروع ۾ ته سينيٽ کي سڪندر جي قتل کي وساريڻ ۽ بربر هاريءَ جي [21] اليڪشن کي منظور ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو هو. هاڻي ابتو اثر ڏيکاريو ۽ آزادي ۽ انسانيت جي زخميل ۽ دٻايل حقَن کي انصاف ڏيارڻ لاءِ ڪين قائل ڪيو. سينيٽ لاءِ مئڪسيمن جي نفرت ظاهر ۽ شديد هئي. انتهائي فرمانبرداريءَ واري نِوڙت ۾ سندس ناراضگيءَ کي ڏسي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي هئي، وڏي محتاط معصوميت ۾ سندس شڪَن کي دور نه ڪري سگهندي هئي ۽ سندن پنهنجي سلامتيءَ جي حفاظت لاءِ ۾ هِن مُهم جُوئيءَ ۾ سندن طرفان حصو وٺڻ ڇڏ ضروري ٿي پيو هو. جنهن ۾ (ناڪاميءَ جي صورت ۾) اُهي پهريون ان جا شڪار ٿيندا. اهڙن انديشن ۽ ڪيترن ئي ٻين ذاتي نوعيت جي معاملن تي پڻ، ڪونسلن ۽ مئجسٽريٽن جي هڪ ڪانفرنس ۾ بحث مباحثو ڪيو ويو جيئن ئي سندن نهراءَ تي فيصلو ٿي ويو ته اُنهن پوري سينيٽ جي اجلاس کي ڪئپٽر جي مندر ۾ سڏرائي ورتو جيڪو قديمي مخفي [22] طريقن ۽ ڏيان کي متوجه ڪرڻ ۽ فيصلن کي راز ۾ رکڻ جي اصولن مطابق هو.

"اي باوقار انسانو! " سِلئنس ڪونسل ڪين مخاطب ٿيندي چيو، " ۾ گورڊيَنس ۽ ٻئي ڪونسل جي مرتبي وارا آهن - هڪڙو اوهانجو سفارتي ايلچي آهي ۽ ٻيو ليفٽيننٽ يا نائب آهي - ٻنهي کي آفريڪا وارن طرفان اتفاق راءِ سان بادشاهه چونڊيو ويو آهي. اڄو ته اسان نوجوان ٽِسڊَرس جا ٽورا مڃيون، " هن وڏي دليريءَ مان چيو، " اڄو ته اسان ڪارٿيج جي وفادار ماڻهن جي مهربانين جا شڪرگذار ٿيون جن اسان کي هڪ پوائتي راڪاسَ کان ڇوٽڪارو ڏياريو آهي. - پر اوهان مونکي سُست ۽ لڏي نموني يا بزدليءَ مان چو ٻڌي رهيا آهيو؟ چو اوهان حيرت وارين نظرن سان هڪ ٻئي ڏي ڏسو ٿا؟ هيڪو چو ٿا، مايوس چو آهيو؟ مئڪسيمن قومي دشمن آهي! شال سندس دشمني ۾ هن سان گڏ ختر ٿي وڃي ۽ شال اسين گهٽو وقت گورڊين - پيءُ جي دوراندیشي ۽ سرهائي ۽ گورڊين - پُٽ جي بهادري ۽ ارادي جي مضبوطيءَ کي ماڻيون ۽ خوشيءَ سان ملهايون. [23] " ڪونسل جي جذباتي تقرير سينيٽ جي سانت ۾ هلچل پيدا ڪئي. سڀني جي گڏيل راءِ سان گورڊيَنس جي اليڪشن جي منظوري ڏني وئي، مئڪسيمن، سندس پُٽ ۽ سندس سائين کي ملڪ دشمن قرار ڏنو ويو ۽ اُن ماڻهوءَ لاءِ وڏن انعامن اڪرامن جو اعلان ڪيو ويو جنهن کي به اها همت ٿيندي ۽ ان جي خوش قسمتي هوندي جيڪو انهن حقارت جهڙن ماڻهن کي وڃي ماريندو.

بادشاهه جي غير حاضريءَ دوران، شاهي محافظن جو هڪ جٿو روم ۾ رهيو ته گاديءَ جي هنڌ جي حفاظت ڪري ۽ ڪمانَ سنڀالي. مُنهندار وٽئلئينَس، مئڪسيمن سان پنهنجي وفاداريءَ جو اظهار اوتروئي خوشي ۽ تيزيءَ سان ڪيو جيترو هن پنهنجي فرمانبرداريءَ جو اظهار ڪيو هو ياوري ائين چئجي ته هن پاڻ کي ظالم جي ظلم کان بچڻ خاطر * تکڙ ۾ اهڙو قدم کنيو هو. فقط سندس موت ئي سينيٽ جي اختيارن کي بچائي ٿي سگهيو ۽ سينيٽرن جي زندگين کي. هٿن ۾ لڙکندڙ تلوار جي خطرن کان محفوظ رکي ٿي سگهيو. ان کان اڳ جو سنڊن عزم بخار ٿي اُڏامي وڃي، هڪ وڏو مئجسٽريٽ ٻين کجهه ننڍين سان گڏجي ان مُهم تي نڪتو ته اصل فساد کي پاڙوَن پٽي + ختم ڪجي. هنن جرئت ۽ ڪاميابيءَ سان حڪمن جي تعميل ڪئي ۽ پنهنجن هٿن ۾ خوني خنجر ڪنيون گهٽين، ۽ رستن تي گُهمندا ۽ ڊوڙندا رهيا ۽ وڏي واڪي ماٹهن کي توڙي فوجين کي خوشيءَ جي انقلاب جي خبر ٻڌائيندا رهيا. ظلم کان نجات ملڻ جي خوشي ۽ جوش ۾ زمينن ۽ دولت جي انعامن ورهائڻ جا واعدا ڪيا ويا: مئڪسيمن جي مجسمن کي ٽڙا هٽي هيٺ اڇلايو ويو. بادشاهت جي گاديءَ جي هنڌ، خوشيءَ واري جشن سان ٻن گورڊيَنس ۽ سينيٽ جي اختيارن کي مڃيو ۽ منظور ڪيو [24] ۽ روم جي مثال جي تقليد اٽلي جي هر هنڌ تان ڪئي وئي.

اسيمبليءَ ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيو ويو جنهن جي ڊگهي صبر کي، ظالمانه آمريت ۽ فوجي عياشيءَ جي ڪري، بيعزتو ڪيو ويو هو. سينيٽ حڪومت جون واڳون سنڀاليون ۽ خاموشي واري تيزيءَ سان پاڻ کي تيار ڪيو ته صحيح آزاديءَ جي وقار کي، پلي طاقت سان ٿي سهي، واپس آڻجي. مئجسٽريٽ جي درجي جا سينيٽر جن جا نالا سنڊن اهليت ۽ خدمتن جي بنياد تي سڪندر بادشاهه جي مهربانين حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليا ويا هيا، ته اُنهن مان گهٽ ۾ گهٽ ويهَ ته آسانيءَ سان چونڊ جي ٿي سگهيا جيڪي فوج جي ڪمان يا جنگ جي طريقن کان واقف هجن. انهن کي ئي اٽلي جي حفاظت جي ذميواري بہ سؤنپي وئي هئي. هر هڪ کي مقرر ڪيو ويو هو ته پنهنجن پنهنجن ڪمن کي ڏسن: کين اختيار مليل هيا ته اٽلي جي جوانن کي پرتي ڪن ۽ کين فوجي نظم ۽ ضبط سيکارين ۽ مئڪسيمن جي امڪاني حملن کان بچڻ خاطر بندرن ۽ شاهي رستن تي قلعا ٺاهي، اڇڻ وڇڻ جي لنگهَن کي مضبوط ڪن. ڪيترائي تمام معزز نمائندا جيڪي سينيٽ ۽ گهوڙن جي پالنا جي اداري مان چونڊيا ويا هيا، ساڳي ئي وقت تي مختلف صوبن جي گورنرن ڏانهن موڪليا ويا ۽ عاجزيءَ مان کين منٽون ڪيون ويون ته اُٽن ۽ پنهنجي ملڪ جي مدد پاڻ ڪن ۽ قومن کي، روم جي سينيٽ ۽ عوام سان اُنهن جي دوستيءَ جي ناتن ۽ قديمي رشتن بابت سنڊن يادن کي تازو ڪرايو ويو. جنهن عزت ۽ آبرو سان موڪليل وفدن جو آڏرياءُ ڪيو ويو ۽ سينيٽ جي باري ۾ اٽلي ۽ صوبن جا جوش ۽ جذبا ان ڳالهه کي ثابت ڪن ٿا ته مئڪسيمن جي رعيت جا ماٹهو هاڻي سخت تڪليفن ۾ هيا جنهن ۾ ماٹهن جي اڪثريت گهٽو ڪري مخالفت جي بجاءِ ظلمن ۽ اذيتن کان خوفزده هوندي آهي. ڏُک واري سڄَ جو احساس، ڪاوڙ ۾ بہ ثابت قدم رهڻ جو اُتساهه تو ڏياري ۽ اهو احساس بد قسمتيءِ سان خانه جنگين ۾ مشڪل سان ملندو آهي جن جي مصنوعي حمايت فقط مخصوص طبقي جي ماٹهن ۽ موقعي پرست ليڊرن جي مفادن کي فائدو پهچائڻ لاءِ ڪئي ويندي آهي. [25]

جڏهن ته گورڊيَنس جي حمايت جو هوڪو وڏي جذبي ۽ جوش سان هر طرف پهچي ويو پر گورڊيَنس پاڻ ڇڻ ته ڪٽي غائب ٿي ويا هيا. ڪارٿيج جي ڪمزور محلات کي ڪئپيلئينَس جي اُتي جلدي پهچڻ جي ڪري خطرو پيدا ٿي

پيو هو، ماريٽينا جو گورنر جيڪو ڪجھ تجربيڪار فوجين ۽ خطرناڪ بربرن سان گڏ هو. هڪ وفادار پر جنگين ڪان بيخبر صوبي تي حملو ڪري ڏنو. نديو گورڊين اوچتو ٻاھر نڪتو ۽ دشمن جو مقابلو ڪري. ساٺس گڏ ٽورڙا محافظ ۽ ٻيا بيشمار ماڻھو هيا پر جنڪي جنگي نظر ۽ ضبط جي ڪا خبر ڪانہ هئي ۽ جيڪي ڪارٽيج جي پر امن فضا ۽ آرام واري ماحول ۾ پڙهيا هيا. سندس بيڪار بهادريءَ ايترو احسان مٿس ضرور ڪيو جو هو جنگ جي ميدان ۾ عزت سان مري ويو. سندس پوڙهي پيءُ، جنهن جي حڪومت جو دؤر ڇهين ڏينهن کان مٿي نہ هو، پنهنجي پٽ جي شڪست ۽ موت جي خبر ٻڌندي ئي، پاڻ ئي پنهنجي زندگي جي ڏيئي ڪي هميشہ لاءِ اُجهائي ڇڏيو. ڪارٽيج، جنهن جو بچاءُ نہ هئڻ جي برابر هو، فاتح لاءِ پنهنجا دروازا کولي ڇڏيا، ۽ آفريڪا هڪ لالچي ۽ چاپلوس غلام جي ظلمن جي ور چڙهي ويو، جنهن پنهنجي ڪنور ۽ سخت ظالم مالڪ کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رَت جي راند کيڏي ۽ خوب خزانو لُٽيو. [26]

گورڊيَنس جي بدقسمتي واري مقدر، روم کي جائز پر اوچتي خوف ۽ هراس ۾ ڌڪي ڇڏيو. ڪنڪارد جي مندر ۾ سينيٽ جو اجلاس سڏرايو ويو. جنهن ۾ ماڻهن کي چيو ويو تہ هُو روز مرهہ جي دستوري ڪاروبار کي جاري رکن پر سخت تشويش ۽ خوف کان، پنهنجي توڙي عوام جي لاءِ ڪنهن فيصلي ڪرڻ کان ڪِيهپايائون، شايد انڪري تہ کين ڪنهن خطري جو انديشو هو. اسيمبليءَ ۾ هڪ خاموش ترتلو مچي ويو جڏهن اوچتو تراجن جي خاندان جي هڪ سينيٽر پنهنجن پائرن کي سندن موتمار ڪاهليءَ مان اڇي جاڳايو. هن کين ٻڌايو تہ احتياط ڪرڻ واري سُست رفتاري گهٽي وقت کان وڌي ختر ٿي ڇڪي آهي جنهن کي هن تيز رفتاريءَ جي دؤر ۾ اختيار ڪرڻ عبث آهي: ۽ جي مئڪسيمن پنهنجي سفاڪي ۽ ڪيس رسيل زحمن جي سخت ڪاوڙ مان، وڏي فوجي اتالي سميت اتلي تي ڪاهہ ڪري اچي تہ ان صورت ۾ وٽن ان کانسواءِ ٻي ڪا واهَ نہ هوندي تہ يا تہ جنگ جي ميدان ۾ وڃي سندس مقابلو ڪجي يا وري خاموش ٿي عذاب برداشت ڪجن ۽ ذلت جو موت مرجي جيڪو ناڪام بغاوت جو ڏاڄ هوندو آهي. "اسان نتصان سٹو آهي،" هن بيان جاري رکيو. " ۽ پنهنجا ٻہ عظيم شهزادا وڃايا آهن: پر جيستائين اسين پنهنجي پاڻ کان ٻہ بيزار ٿي هڪ ٻئي سان بيوفائي ڪريون، تہ جمهوريہ جون اُميدون ٻہ گورڊيَنس سان گڏ ختر نہ ٿيون آهن. ڪيترائي سينيٽر اهڙا آهن جن جو بُلند ڪردار ۽ سندن اهليتون، شاهي عظمت کي واپس موٽائي سگهنديون. اچو تہ هن بادشاهن جو انتخاب ڪريون، هڪڙي جي ذميداري رکو اها هجي تہ هو ملڪ جي دشمنن سان جنگيون جوٽي، جڏهن تہ سندس ٻيو ساٿي هر وقت روم ۾ موجود هجي جيڪو شهري انتظام هلائڻ جو ذميوار هجي. آءُ خوشيءَ سان ان خطري جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ۽ نالا اوهان کي ڏيان ٿو ۽ آءُ پنهنجو وٹ مئڪسيمَس ۽ بئلبينَس جي حق ۾ ڏيان ٿو. منهنجي چُونڊَ جي منظوري ڏيو. اي مانوارا ساٿيوا يا انهن جي جڳهہ تي ڪنهن ٻي کي مقرر ڪيو جيڪو اوهانجي نظر ۾ انهن کان وڌيڪ بادشاهت جي لائق هجي." سيني کي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي جنهن تعصب يا حسدَ جي سُس پُس کي چپ ڪرائي ڇڏيو: اُميدوارن جي اهليت کي سيني هڪ آواز تي مجيو ۽ سڄو هال داد ڏيڻ، تاڙين وڄائڻ ۽ خوشيءَ جي نعرن سان گونجي اُٿيو. " مئڪسيمَس ۽ بئلبينَس بادشاهَ وڏي جمارَ ماڻِن ۽ هن فتح تي سيني کي لکَ لکَ

مبارکون. توهان سينيٽ جي فيصلي تي خوش آهيو. شال اسانجي جمهوريہ اوهان جي انتظام جي ڇانوَ ۾ خوش رهي ۽ سُک جو ساهہ پٽي. "[27]

نوَن بادشاهن جي ڪردار ۽ سندن شهرت، روم جي ماڻهن جي يقيني اُميدن کي مطمئن ڪيو. سندن ذهانت جي مختلف عنصرن، لڳو ٿي تہ هر هڪ لاءِ ڪا خاص شاخ مخصوص ڪئي هئي ۽ اُهي شاخون هيون. امن ۽ جنگ، جنهن ۾ هڪ جي لاءِ ٻي جي خاصيت کي پنهنجي بنائڻ جي ڪا گنجائش ڪانہ هئي. بئلبينَس تقرير جي فن ۾ مهارت رکندو هو. شهرت رکندڙ شاعر هو ۽ هڪ داناءُ مئجسٽريٽ هو جنهن شهري انتظام کي، بادشاهت جي سڀني اندروني صوبن ۾ نهايت مائيٽي طريقي سان، معصوميت ۽ خوش اسلوبيءَ سان هلايو هو. سندس ڇَر [28] هڪ معزز گهراڻي جو هو، بخت ۾ هڪ دولتمند هو، سندس اخلاق عادتون فراخ دليءَ واريون ۽ وٽندڙ هيون. هن جي فطرت ۾ خوشيءَ سان پيار بجاءِ عظمت جو احساس وڌيڪ سمايل هو ۽ سندس آرام ۽ سکون جي عادتن، روزمرهہ جي معمول جي ڪمن ۾ ڪابہ رڪاوٽ پيدا نہ ڪئي هئي. مئڪسيمَس جو ذهن هڪ سخت ۽ ڪَهڙي سانچي ۾ گهڙيو ويو هو. سندس بهادري ۽ اهليت سبب، هو انتهائي هيئيٽن درجي کان پاڻ کي مٿي کڻي رياست ۽ فوج جي پهرين رتبن تائين وڃي پهتو هو. سرماڻينَس ۽ جرمنس تي سندس سوين، سندس زندگي گذارڻ ۾ سادگي ۽ انصاف ڪرڻ ۾ سخت سچائي صفائي رکندو هو جڏهن هو شهر جو مُنهندار هوندو هو، اهڙين وٽندڙ خوبين، ماڻهن جي دلين ۾ هنن لاءِ احترام پيدا ڪيو پر جن جي وڌيڪ محبت زياده هردلعزيز طبيعت جي مالڪ بئلبينَس سان ٿي وئي. ٻئي ساٿي مئجسٽريٽ رهيا هيا (بئلبينس کي اِهو عهدو رکڻ جو اعزاز ٻہ دفعا ملي چڪو هو) جيڪي ويهہ خاص سينيٽ جا ليفٽيننٽ چونڊيا ويا هيا ان ۾ اهي ٻئي بہ شامل هيا: ۽ جيئن تہ هڪڙو سٺ سالن جو ۽ ٻيو چوهتر سالن [29] جو هو تہ هنهي کي عمر جي پختگي ۽ پرپور تجربي جو بہ وڏو فائدو حاصل هو.

مئڪسيمَس ۽ بئلبينَس کي سينيٽ طرفان ايلچي ۽ مئجسٽريٽ جا هڪ جيترا اختيار سوٺپڻ ڪانپوءِ، اُنهن جي ملڪ جي اَبن جا خطابَ ۽ وڏي پادري جو گڏيل عهدو حاصل ڪرڻ بعد هو ڪئپيٽول تي چڙهي ويا ۽ روم جي محافظن[30] يعني پنهنجن ديوتائن جي شڪر گذاري بجا آندائون، قرباني‌ءَ جون مقدس رسمون ادا ڪنديءَ، ماڻهن طرفان بغاوت جو رخنو وچ ۾ اچي ويو. عياش ماڻهن جي ميڙ جي نہ تہ سخت طبيعت واري مئڪسيمَس سان محبت هئي ۽ نہ وري نرم طبيعت واري سڀي انسان بئلبينَس کان ڪين ڪو خطرو هو. اُنهن جو ميڙ وڌندو رهيو ۽ ٿوري دير ۾ هنن جوپيٽر جي مندر کي پنهنجي گهيري ۾ وٺي چڏيو ۽ تکبر ۽ وڏن آوازن سان هنن نئين بادشاهہ لاءِ ڪين پنهنجي ووٽن جي حقَ ڏيڻ جي گهُر ڪئي ۽ هاڻي ڪجهہ نرم لهجي ۾ وڌيڪ مطالبو ڪيو تہ سينيٽ طرفان چونڊيل ٻن بادشاهن کانسواءِ ٽيون بہ شامل ڪيو وڃي جيڪو گورڊيَنس جي خاندان مان هجي ڇو تہ هي قدم اُنهن شهزادن جي احسانن جي بدلي ۾ هڪ نندو اجورو هوندو جو اُنهن جمهوريہ جي لاءِ پنهنجون زندگيون قربان ڪيون هيون. شهري دستن ۽ گهوڙن جي پالنا جي اداري جي جوانن جي ڪمان ڪندي، مئڪسيمَس ۽ بئلبينَس باغي هجوم منجهان اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. باغين جو ميڙ جن جي هٿن ۾ لٺيون ۽ پٿر هٿا، ڪين پوئتي پڃائي چڏيو ۽ اُهي ڪئپيٽول تائين پٺتي هليا ويا. آڻ مڃڻ اُن وقت عقلمنديءَ جو ڪم آهي، پوءِ چاهي مسئلو ڪهڙو بہ هجي، جڏهن متابلو ٻنهي ڌُرين جي

تباهيءَ جي ڪارڻ ٿي وڃي. فقط تيرهن سالن جو هڪ ڇوڪرو، جيڪو وڏي جو پوٽو ۽ ننڍي گورڊين جو پائٽيو هو، ماٺهن جي اڳيان آندو ويو ۽ شاهي نشان ۽ سيزر جو لقب ۽ ڪيس عطا ڪيو ويو. هن مهرباني سان ماٺهن جو گوڙ هاڻي ڏرو ٿي واپس هليو ويو ۽ ٻنهي بادشاهن، جيئن اُهي خير سلامتيءَ سان روم پهتا تہ اُنهن اڳلي جي ٻچاءَ ۽ ٻنهنجي پڪي دشمن جي مقابلي ڪرڻ جي تياري ڪري ڇڏي.

جڏهن تہ روم ۽ آفريڪا ۾ هڪ ٻئي ٻنيان انقلابَ حيرت ۽ وجهندڙ تيزيءَ سان آيا، مڪسيمن جو دماغ تمام خطرناڪ جذبن سان پريشان ٿي ويو. هن لاءِ ٻڌايو ٿو وڃي تہ ڪيس گورڊيَنس جي فساد جي خبر پٻجي چڪي هئي ۽ ساڳي وقت سينيٽ جي، سندس خلاف ڪيل فيصلي جي ۽ ڪيس سُڌِ هئي، تنهنڪري هن کي انسان وانگر نہ پر ڪيس وحشي درندگي واري ڪاوڙ آئي: ۽ جيئن تہ پري پنڌ واري اداري تي ان کي استعمال نہ ٻئي ڪري سگهيو تہ پنهنجي پٽ، سندس دوستن ۽ اُنهن سڀني جي زندگي ختر ڪرڻ جي کين ڏمڪي ڏنائين تہ جيڪو ۽ اهڙي جرئت ڪري سندس ويجهو ويندو تہ ان جو ٻِرُ سلامت نہ هوندو. گورڊينس جي موت جي احسانمندي واري خبر ڪانپوءِ فورن هڪ پڪَ ڏياريَ وئي تہ سينيٽ، معافي يا ڪنهن ۽ سَمجهوتي جي اُميدن يا امڪان کي نظر انداز ڪندي، سندن ڪمري ۾ ۽ بادشاهَ هڪ ٻئي سان مٺائي ڇڏيا هيا، جن جي ذهانت کان هو ناواقف نہ هوندو. مڪسيمن کي بدلي وٺڻ کانسواءِ ٻي ڪا ۽ ڳالهہ اطمينان ڏياري نٿي سگهي ۽ بدلو فقط هٿيارن سان ئي وٺي سگهجي ٿو. فوجين جي طاقت کي سڪندر، بادشاهت جي سڀني جڳهن تان گهرائي هڪڙي جڳهہ تي جمع ڪيو هو. جرمنس ۽ سرمائينس خلاف ٽن ڪامياب مُهمَن ۾ سندن شُهرت کي وڌايو هو، سندن نظر ۽ ضبط کي مستحڪر ڪيو هو ۽ اُنهن جي تعداد کي ۽، بربر نوجوانن کي پرتي ڪري، وڌايو ويو هو. مڪسيمن جي سڄي زندگي جنگ ۾ گذري هئي ۽ تاريخي حقيقتن جي سختي ۽ سپاهيءَ واري بهاديريءَ يا هڪ جنرل جي تجربيڪاري واري سندس اهليت کان انڪار نٿي ڪري سگهي.[31] اها اُميد فطري طور رکي سگهجي ٿي تہ اهڙي ڪردار جو شهزادو، بغاوت جي تڪليفن ڪاٽڻ ۽ دير ڪرڻ جي حربن سان پنهنجي پوزيشن مضبوط ڪرڻ جي بجاءِ، بنادير جي دنيوب جي ڪنارن کان اڳتي وڌي ٽائيبر تائين پنهنجي لشڪر سميت پهچي ها ۽ سندس فاتح فوج جنهن جي اندر ۾ سينيٽ لاءِ نفرت چوٽ چڙهيل هئي ۽ شهر جي تباهيءَ کان پوءِ اڳلي جي دولت جمع ڪرڻ جي ۽ سندن وڏي خواهش هئي تہ اهڙي آسان ۽ مالي فائدن واري فتح حاصل ڪرڻ لاءِ تہ سندن اندر ۾ بي صبريءَ جي باهہ پڙڪيل هجي ها. ان جي باوجود، جيتري قدر اسان ان دؤر جي اَڻ ڇڻن تاريخي واقعن تي جيڪڏهن اعتبار ۽ ڪريون[32] تہ اهو معلوم ٿيندو تہ ڪنهن ٻي ڏاري جنگ جي گوڙ گهمسان سبب، اڳلي تي چڙهائيءَ کي ايندڙ بهارَ جي موسم تائين ملتوي ڪيو ويو. مڪسيمن جي دوراندیشيءَ واري روَيي مان اسان کي اهو ۽ معلوم ٿئي ٿو تہ سندس جهنگلي يا وحشي مُهاندن بابت تاريخ جي قلم سان لکيل ڪجهہ وڌاءُ معلوم ٿئي ٿو: سندس اُمنگون ۽ جذبا پلي ڪيترا ۽ بي صبرا ۽ اُبهرا ئي سهي پر ان جو ڪو نہ ڪو سبب يا دليل ضرور هوندو هو، ۽ ٻيو تہ ان بربر وٽ ڪجهہ سِلا (Sylla) جي سخا جا ڳُڻ ۽ موجود هيا جنهن پنهنجن ذاتي زخمن[33] جي بدلي وٺڻ جي ڪوشش ڪندي ۽ پاڻ تڪليف ۾ مبتلا ٿيڻ کان اڳ ۾ روم جي دشمنن کي ماري مات ڪيو هو.

جڏهن مئڪسيمن جون فوجون زبردست طريقي سان اڳتي وڌنديون جوليئن ائلپس (Julian Alps) جي جبلن تائين پهتيون تہ سندن خوف ۽ حيرت جي حد ئي نہ رهي جڏهن ڏٺائون تہ اتلي جي سرحدن تي هر طرف خاموشي ۽ بربادي جو منظر ئي نظر آيو. هنن پنهنجي آمد تي، ڳوٺن ۽ کليل شهرن کي بنهہ خالي ويجي ڏٺو جتان جا رهواسي پنهنجا ٽاڪ ٽاٽا چڏي وجي چڪا هيا، نہ رڳو اهو پر هو پنهنجو مال ۽ ڍور ڍڳا بہ کاهي ويا هيا، سِيڏو سامان پاڻ سان گڏ کڻي ويا هيا ۽ پُلين کي پڄي ۽ ڊاهي ويا هيا ۽ پوئتي کابہ اهڙي شئي بچيل يا چڏيل نہ هئي جنهن ذريعي هڪ حملو ڪندڙ پنهنجي فوج سميت ڪنهن اڳهي هيڻان ويهي سگهي يا گُذاري ڪرڻ لاءِ پنهنجي کائڻ پيئڻ جو ڪو بندوبست ڪري سگهي. اهي سياڻپ ۽ دوراندیشي وارا حڪمرَ سينيٽ جي جنرل طرفان مليل هيا جنهن جو مقصد جنگ کي اِنگهائڻ جو هو تہ جيئن ڏُکر جي حالتن ۾ مئڪسيمن جي فوج آهستي آهستي تباهيءَ جو شڪار ٿيندي رهي ۽ سندس طاقت کي، هنجي طرفان اتلي جي شهرن جي گهيري ڪرڻ ۾، ڪمزور ڪجي. کين کاڌي خوراڪ جي شين جو فڪر تہ هيو ئي کو نہ پو تہ اهو سامان هنن کافي انداز ۾ اُنهن شهرن ۽ ڳوٺن مان جمع ڪيو هو، جن کي هو چڏي آيا هيا. عقيلا تي پهريون حملو ڪيو ويو جنهن ان جو مقابلو ڪيو. هئدرئنڪ جي چوڙ ڪان جيڪي نهرون نڪرن ٿيون، اُنهن ۾ سياري جي برف جي پگهرجڻ سبب [34] وڏا بلاڪ اڇي ويا هيا جنهن سبب انهن جي وهڪري ۾ رَندڪ اچي وئي هئي جنهن مئڪسيمن جي فوجن لاءِ اوچتيون رڪاوٽون پيدا ڪري چڏيون. آخرڪار فقط هڪڙي پُل جيڪا ڊَرمن ۽ وڏن ڏَهن مان وڏي هنر ۽ تڪليفن سان ٺاهي وئي هئي، هن پنهنجي فوج کي پُل تان ٽپائي ٻي ڪناري تي پهچايو. عقيلا جي پر ۾ انگورن جي باغ ک ۽ پا ئُون پٽيو ويو. ننڍن ڳوٺن ۽ واهٽن کي ڊاهيو ويو ۽ عمارتن جو ڪاٺ ڪڍي ان کي انجڻن ۽ منارن ۾ استعمال ڪيو ويو ۽ آخر ۾ هُن هر طرف کان شهر تي حملو ڪري ڏنو. جيڪي ديوارون اڃ شهر جي بچاءَ ۾ گهٽي وقت کان ٺاهيون ويون هيون پر وقت سان گڏ اُهي ڪمزور ٿي ڪِري پيون هيون، تہ هن اوچتي موقعي تي اُنهن جي مرمت ڪئي وئي هئي پر عقيلا جو سڀ کان مضبوط بچاءُ، شهرين جو عزم ۽ حوصلو هو، جن جا سيئي طبقا، مايوس ٿيڻ جي بجاءِ، خطري جي صورت ۾ ويتر نوَن حوصلن ۽ جذبن سان سرشار ٿي ويا هيا چو تہ آمر جي ڪنور طبيعت ۽ حد کان وڌيڪ ظلمن ڪرڻ جي کين خبر هئي. سندن همتن کي، سينيٽ طرفان چونڊيل ويهن منجهان ٻن نائبن ڪرسپينَس ۽ مينوفيلس ايا وڏايو ٿي ۽ کين هدايتون ٿي ڏنيون ۽ جن، باضابطہ حاضر ڪجهہ سپاهين سان گڏ، پاڻ کي بہ جنگ جي حوالي ڪري چڏيو هو. مسلسل حملن سبب مئڪسيمن جي فوج کي پوئتي ڏڪيو ويو. سندس مشينن کي ڏماکن سان تباهہ ڪيو ويو ۽ عقيليا جي ماڻهن جو بيمثال جوش جذبو ڏسڻ وٽان هو جن اڳي ئي جنگ ۾ پنهنجي ڪاميابيءَ کي يقيني سمجهي چڏيو هو چو تہ سندن عقيدو هو تہ بلينَس (Belanus) ديوتا جيڪو سندن سر پرستي ڪندڙ هو، پنهنجن عبادت گذارن جي حفاظت لاءِ، [35] ذاتي طرح وجي سندن دشمن سان وڙهيو هو.

بادشاهہ مئڪسيمَس، جيڪو اڳتي وڌندو وجي رَوينا تائين پهتو هو تہ جيئن ان اهم جڳهہ کي دشمن کان بچائي ۽ فوجي تياريون ڪري، غور سان جنگ جي مختلف رُخن تي، پاليسي ۽ دليلن جي سچائيءَ ڏيکاريندڙ آئيني ۾ نظر وڌي. هن وڏي دانشمنديءَ سان سوچيو تہ فقط هڪڙو شهر، هڪ وڏي فوج جي مضبوطي ۽ ثابت قدميءَ جي يلغار جو مقابلو نہ ڪري سگهندو ۽ هن کي هڪ خطرو محسوس ٿيو تہ متان دشمن عقيلا جي مضبوط مزاحمت کان تنگ

ٿي، ٽڪجي ۽ بيزار ٿي گهيري واري مهر کي فضول ۽ اجايو سمجهي ان کي ڇڏي ڏئي ۽ سڏو سنئون روم تي حملو ڪري ڏئي. بادشاهت جي قسمت جو فيصلو ۽ آزادي جي آدرش لاءِ بهتر هو ته اهو فيصلو جنگ جي ميدان ۾ ٿئي، پر هو رائين ۽ دنيوب جي ڪنارن جي تجربيڪار فوجين جو مقابلو ڪيئن ڪندو؟ اتلي جي نوجوانن مان ڪجهه نوان فوجي پرتي ڪيا ويا هيا، تورڻي جو اُهي جوان هٿ ۾ پيشي ۾ ڪمزور هيا؛ ۽ ڪجهه جرمني جا فوجي به ڪنيا ويا پر آزمائش جي گهڙيءَ ۾ اُنهن جي مضبوط طاقت تي پاڻ خطري کان خالي نه هو. خطرن جي گهنڊين جي وڄندي ٿي، هڪ گهريلو سازش جون خبرون پهچي ويون جن ۾ مئڪسيمن کي پنهنجن ڪُڌن ڪرتوتن جي سزا ملي چڪي هئي ۽ روم ۽ ان جي سينيٽ اُنهن مصيبتن ۽ آفتن کان آجا ٿي چڪا هيا جيڪي هي زهريلو بربر يقيني طور تي فتح جي صورت ۾ اچي متن ڪڙڪائي ها.

عقيلا جي ماٿهن، جنگ جي گهيري ۾ ڪابه تڪليف کائڻ ڏئي، کين هٿيار وڏي تعداد ۾ ملي رهيا هيا ۽ ديوارن جي اندر کيترائي پاٽيءَ جا ذخيرا اڳوات مهيا ڪيا ويا هيا جتان کين تازو پاڻي هر وقت ملندو رهندو هو. ان جي ابتڙ مئڪسيمن جا سپاهي ناگوار موسر، وڇڙندڙ بيمارين، ۽ سخت ڏڪار جي ابتر حالتن جو شڪار ٿي ويا هيا. ڪليل ملڪ تباهه ٿي ويو هو ۽ ندين ۾ قتل ٿيل ماٿهن جي رت وهڻ سبب اُنهن جو پاڻي به گندو ۽ بدبودار ٿي چڪو هو. سندس سپاهين جي چهرن مان مايوسي، بدمزگي ۽ ناراضگي جا صاف ۽ چٽا آثار نظر اچي رهيا هئا؛ ۽ جيئن ته هُو هر قسم جي رابطي کان ڪٽجي چڪا هئا تنهنڪري هنن کي هاڻي يقين ٿي ويو هو ته سچي بادشاهت هاڻي سينيٽ جي فرمان هيٺ اچي چڪي هئي ۽ سندن مقدر ۾ هاڻي ان کانسواءِ باقي ڪجهه نه بچيو هو ته عقيلا جي مضبوط ۽ مستحڪم ديوارن اندر مرڻ لاءِ پاڻ پنهنجا سِر وڃي آڏيءَ تي رکن. پنهنجن سپاهين جي سخت مايوسيءَ تي آمرَ ڪي ويتر سخت بيچان ڏياريندڙ ڪاوڙ آئي جنهن جي ٿُهمت هن پنهنجي فوج تي لڳائي: سندس غلط وقت تي ڪيل اڻ اعلانيل ظالمانه ڪارروائين، خوف پيدا ڪرڻ بجاءِ سندس خلاف نفرت ۽ انتقام جي باهه ڀڙڪائي ڇڏي. شاهي محافظن جي هڪ مضبوط جٿي، جن کي روم جي ويجهو اَلبا جي ڪئمپ ۾ پنهنجين زالُن ۽ ٻارن جو سخت فڪر هو، سينيٽ جي حڪر تي پنهنجي طرفان تعميل ڪري ڇڏي. مئڪسيمن، جنهن کي پنهنجا محافظ اڪيلو ڇڏي هليا ويا هيا، کي سندس تنبوءَ ۾ پُٽ سميت قتل ڪيو ويو (جنهن کي هن پاڻ سان گڏ بادشاهي لقب سان نوازيو هو) ۽ ان سان گڏ اَنولينَس - مُنهندار ۽ ٻين کيترن آمريت جي علمبردار وزيرن کي به قتل ڪيو ويو.[36] سندن وڏيل سِرَن، جن کي نمائش لاءِ نيزن تي رکيو ويو هو، کي ڏسڻ شرط ماٿهن کي پَڪ ٿي وئي ته عقيلا شهر جو گهيرو ختر ٿي چڪو آهي، شهر جا دروازا ماٿهن لاءِ کولي ويا ۽ مئڪسيمن جي بکايل فوجين لاءِ به کاڌي خوراڪ جو فراخ دليءَ سان بندوبست ڪيو ويو ۽ سيني فوجين گڏجي سينيٽ تورڻي روم جي ماٿهن، ۽ سندن جائز ۽ قانوني بادشاهن مئڪسيمَس ۽ بئلبينَس سان پنهنجي سچي وفاداريءَ جو قسم کنيو. هڪ ظالم وحشيءَ جو خاتمو به اهڙي طرح ٿيو جنهن جو هو حقدار هو ۽ جيڪو تهذيب، تميز يا شائستگي کان ته ڇڻ ڪنهه واقف ئي ڪونه هو ۽ نه وري سندس شمار انسانن ۾ ڪري سگهجي ٿو. لڳي ٿو جهڙو سندس جسم هو ته روح به سندس اوهڙو ئي هيو. مئڪسيمن جو قَد اَڻ فوٽن جي ماپ کان به مٿي هو ۽ سندس بيمثال طاقت ۽ بک جي ڪيفيتن[37] بابت اعتبار ۾ نه ايندڙ ڳالهيون مشهور آهن.

جيڪڏهن هو ڪنهن جهالت واري اونداهي دؤر ۾ موجود هجي ها تہ ماڻهن جي رسمن تورّي شاعريءَ ذريعي ڪيس هڪ پيانڪ راکاس ڪري پيش ڪيو وڃي ها جنهن جي لِکل ۽ غيبي طاقتَ لڳاتار انسان ذات جي خاتمي ۽ تباهيءَ ۾ رُڌل رهي هئي.

هڪ پيانڪ ظالم جي مرڻ جي خوشيءَ کي محسوس ڪرڻ تہ آسان آهي پر ان آفاقي مسرت کي بيان ڪرڻ ڏکيو آهي جيڪا پوري رومي دنيا کي حاصل ٿي، جنهن جي خبر عقيلا کان روم تائين شايد چئن ڏينهن کانپوءِ پهتي. مئڪسيمَس جي واپسي هڪ فتح واري جلوس ذريعي ٿي، سندس سائي ۽ ننڍي گورڊين ٻاهر وڃي سندس استقبال ڪيو ۽ جنهن وقت ٽيئي شهزادا گاديءَ جي هنڌ ۾ داخل ٿيا تہ اٽلي جي سڀني شهرن جا سفير ساڻن ملڻ ۽ تعظيم ڏيڻ لاءِ آيا ۽ پاڻ کي يقين ڏياريائون تہ لوهَ جي دؤر جي جڳهہ تي روم ۾ هاڻي سونهري دؤر شروع ٿي چڪو آهي.[38] ٻنهي بادشاهن جي پُروقار روّيي انهن اُميدن کي سچو ثابت ٿي ڪيو. اُنهن، ماڻهن سان روبرو پاڻ وڃي ٿي انصاف ڪيو ۽ هڪڙي جي ڪجهہ سخت روّيي کي ٻي جي رحم واري طبيعت معاملن کي بهتر ٿي بنايو. مئڪسيمن وراثت ۽ جانشيني جي حقن بابت جيڪي سخت تنڪَس عوام تي مڙهيا هيا، سيني کي ختم ڪيو ويو يا وري اُنهن کي نرم ڪري گهٽايو ويو. نظر ۽ ضبط کي ٻيهر سختيءَ سان لاڳو ڪيو ويو ۽ سينيٽ جي صلاح سان شاهي وزيرن ڏاهپ وارا قانون پاس ڪرايا ۽ اُنهن اها ٻہ ڪوشش ڪئي تہ فوجي آمريت جي تباهيءَ تي هڪ شهري آئين ٺاهيو وڃي. " روم کي هڪ راکاس کان نجات ڏيارڻ تي اسان کهڙي انعام جي اُميد رکون؟ " مئڪسيمَس اهو سوال هڪ خوشي، اعتماد ۽ تفريحي انداز سان پڇيو. بئلبينس سواءِ ڪنهن هڪ جي ۽ بنادير جواب ڏنو. " سينيٽ، عوام ۽ سڀني انسانذات جي محبت اسان جي لاءِ وڏي ۾ وڏو انعام آهي. ""افسوس!" سندس ٻي ساڻي جيڪو معاملن کي گهري نظر سان ڏسندو هو ان جواب ڏنو. " افسوس! جو مونکي فوجين جي نفرت جو خدشو آهي ۽ سِاڻي وقت سندن ناراضگيءَ جا موتمار نتيجا ٻہ نڪري سگهن ٿا."[39] سندس خدشا جائز هيا پر تہ موقعي جي نزاڪت اهڙي هئي.

هڪ طرف مئڪسيمَس هڪ دشمن جي خلاف اٽلي جي حفاظت ڪرڻ جي تيارين ۾ هو تہ ٻي طرف بئلبينَس جيڪو روم ۾ هو، هڪ اندروني * خوني فساد کي مُنهن ڏيڻ لاءِ متوجہ ٿيو. سينيٽ ۾ ٻي اعتمادي ۽ حسد جي فضا موجود هئي، ان حد تائين جو مندرن ۾ پي جتي هو سيئي اڇي گڏ ٿيندا هئا. هر سينيٽر وٽ ڪُليل يا لِکل هٿيار هوندا هيا. سندن ڀَالهين ٻولهين جي وِچ ۾، ٻہ تجربيڪار محافظ، يا تہ ڪنهن جذبي جي مجبوريءَ مان يا وري ڇاڻي واڻي، جرئت جو مظاهرو ڪندي زوريءَ ايوان جي اندر گهڙي ويا ۽ اڳتي وڌي فتح جي قربانگاهہ تائين پهچي ويا. گئليڪٽَس، هڪ سفارتي ۽ مئسينَس هڪ محافظ سينيٽر، سندن گستاخي واري زوريءَ گهڙڻ تي پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو. پنهنجا خنجَر ٻاهر ڪڍندي، جاسُوسن کي قربانگاهہ وٽ ئي ماري ڇڏيائون، پر تہ اُنهن جو اهو ئي حشر ٿيڻو هو. بعد ۾ سينيٽ جي دروازي تائين وڌندي، بي سمجهي ۽ بيوقوفيءَ مان ماڻهن جي هجوم کي ڇيائون تہ محافظن کي ٻہ قتل ڪري ڇڏين پر تہ اُهي ٻہ ان ظالم جا ڳجها ايجنٽ ۽ حمايتي هئا. ان گوڙ شور مان جيڪي پهرين ڪاوڙ جي غضب کان بچي ۽ پڇي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا اُنهن ڪئمپ ۾ وڃي پناهہ ورتي، جن کي هنن ماڻهن جي حملي کان آسانيءَ سان بچائي ورتو پر تہ کين ڪئمپ ۾ هٽڻ جو وڏو فائدو هو جو ترار بازن جي ٽولي ٻہ سندن مدد ٿي ڪئي جو اُهي وڏن دولتمند ماڻهن جي ملڪيت هئا. اها خانہ جنگي ڪيترن ئي ڏينهن تائين هلي جنهن ۾ ٻنهي

ڏرين جو گھٽو ٿي نقصان ٿيو ۽ مونجھارو بہ ايڏا تائين قائم ھو. جڏھن اُھي پائيپ پڳا ويا جن ذريعي ڪٽمب کي پاڻي ٿي ملیو تہ محافظن کي برداشت کان ٻاھر تڪليف جو منھن ڏسڻو پيو. پر، ھنن بہ انتقامي ڪارروائي ڪندي، شھر تي حملا ڪري ڏنا. ڪيترن ئي گھرن کي باھيون ڏئي ڇڏيائون ۽ شھرن جي رستن ۽ گھٽين کي شھرين جي رَت سان رنگي ڇڏيائون. بادشاھ بئلبينَس پنھنجن ناڪام حڪمن ۽ صلح جي اجاين آڇن ذريعي، روم جي ڪاوڙيل ڏرين کي ناھڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندن دشمني، ڪجھ دير لاءِ ڏري ٿي، پر ٻيھر وڌيڪ تشدد سان شروع ٿي وئي. سپاھي، سينيٽ ۽ ماڻھن کان نفرت جو اظھار ڪندي. شھزادي جي ڪمزوريءَ کي پڙ ٻجھان ڪندڙ نظرن سان ڏٺو جنھن ھر يا تہ جذبن جي يا اختيارن جي گھٽتائي ھئي جنھن جي زور تي ھو پنھنجي رعيت کان سندس فرمانبرداريءَ لاءِ خودبخود تعظيم ۽ عزت حاصل ڪري وٺي ھا. [40]

ظالم جي موت کانپوءِ، سندس طاقتور فوج مئڪسيمَس جي اختيارن کي رضا خوشيءَ سان نہ پر ضرورت جي مجبوريءَ منجھان قبول ڪيو ھو جو ھُو بنادير عقيلا جي ڪٽمب آڏو پھچي ويو ھو. جيئن ٿي ھن، ڪائنس وفاداريءَ جو قسم ورتو ھو تہ ان وقت ھن خطاب ڪندي ڪين نرمي ۽ رواداريءَ سان ساڻن ھلڻ چاھيو ھو. سندس اڳين غيرقانوني ڪمن جو پڇاڙو ڪرڻ جي بجاءِ، ھن اھڙين حالتن تي افسوس جو اظھار ڪيو ھو ۽ سپاھين کي يقين ڏياريو ھئائين تہ ماضيءَ ۾ سندن پلي جيڪو بہ ڪردار رھيو ھجي، ان کان ھٿي ڪري، سينيٽ ھاڻي فقط سندن اِن تعريف جوڳي قدم کي ياد ڪندي تہ ھنن ھڪ پوائتي ظالم جي ساڻ کي ڇڏي ڏنو ھو ۽ پاڻمرادو پنھنجي ڏيوٽي ڏيڻ تي واپس اچي ويا ھيا. مئڪسيمس پنھنجي ڪيل قولن تي پورو رھيو ۽ ڪين انعام اڪرام ڏنائين. مقدس ڪفارو ادا ڪري ڪٽمب کي پاڪ ڪيائين ۽ پوءِ فوجين کي جدا جدا صوبن ۾ موڪلي ڏنائين جيڪي، جيئن ھن اُميد ڪئي ھئي، ڪائنس متاثر ٿيا ۽ احسانمندي ۽ فرمانبرداريءَ مان سندس تورا مڃيائون. [41] پر شاھي محافظن جي تڪبر کي ڪابہ ڳالھہ مطمئن نٿي ڪري سگھي. اُھي فقط ان يادگار ڏينھن تي بادشاھ سان ملیا ھيا جڏھن ھو ماڻھن سميت وڏي شان شوڪت سان روم ۾ داخل ٿيو ھو: پر، جڏھن سڀني ماڻھن ان ڏينھن تي دل کولي داد ٿي ڏنو ۽ خوشيءَ جو اظھار ٿي ڪيو، تڏھن محافظن جا سُڪل مُنھَن، مايوس ۽ لٽل چھرا ان ڳالھہ جو ثبوت ھيا تہ ھنن پاڻ کي سوپَ جي خوشين ۾ شريڪ نہ پر بيجان بُتَ ٿي سمجھيو. جڏھن ھو پنھنجي ڪٽمب ۾ ملیا تہ سڀ پاڻ ۾ ملي ويا ۽ ھڪ ٻئي سان ٻڌيءَ جو اظھار ڪيائون، اُھي جن مئڪسيمن جي حڪمن ھيٺ ڏيوٽي ڏني ھئي ۽ اُھي جيڪي پنھنجن گھرن ۾ پوئتي رھجي ويا ھيا. چپ چاپ ۾ پنھنجون شڪايتون ۽ خدشا ھڪ ٻئي کي ٻڌايائون. جن بادشاھن کي فوجين چُونڊي تخت تي ويھاريو ھو تہ وري ڪين ذلت سان تباھ بہ اُنھن ٿي ڪيو ھو: جن کي سينيٽ چونڊيو ھو تہ اُھي گھٽو ڪري پنھنجي تخت تي ويٺل ھيا. [42] جيڪا شھري ۽ فوجي طاقت جي وچ ۾ پراڻي عداوت رھندِي ٿي آئي، اُھا ھڪ جنگ ذريعي نِبري وئي جنھن ۾ شھري طاقت کي مڪمل سوپ نصيب ٿي. سپاھين کي ھاڻي سينيٽ جي فرمانبرداري ڪرڻ جو ڪو نئون اصول يا طريقو اختيار ڪرڻ گھرجي، ۽، جيڪو ۽ جيترو بہ ان دوراندیش اسيمبليءِ جي نرمي جي روَيي ۾ جيڪڏھن ڪو فرق اچي تو تہ فقط انڪري تہ ڪين ھميشہ فوجين طرفان ھڪ خاموش بدلي وٺڻ جو خوف رھي تو جنھن کي نہ رڳو نظم ۽ ضبط جو رنگ ڏنو وڃي تو پر انکي عوام جي پلائيءَ جي ڊوڙنگ رچائڻ جي بھاني سان جائز قرار ڏنو تو وڃي. پر

سندن قسمت ايا ۽ سندن هٿن ۾ هئي: ۽، جيڪڏهن کين هڪ ڪمزور جمهوريه جي خطرن کان نفرت ڪرڻ جي جرئت آهي ته پوءِ دنيا کي ان ڳالهه جو يقين ڏيارڻو پوندو ته، "جيڪو ڏاڍو سوگابو" واري پراڻي چوٽي بلڪل صحيح آهي ۽ جن جي هٿن ۾ هٿيار آهن ته ڪنهن به رياست جي اختيارن جا مالڪ ۽ مختيار به اُهي ئي آهن.

جڏهن سينيٽ ۾ شهزادن کي چونڊيو ته، اهو ممڪن آهي ته ان جو ظاهري سبب ته اهو هوندو ته امن ۽ جنگ جي اوڀتين حالتن کي بهتر نموني مُنهن ڏئي سگهجي پر اهو به ئي سگهي ٿو ته اُنهن جي ڳجهي خواهش وڏي مئجسٽريٽ جي آمريت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ اختيارن جو ورهاڱو ڪيو ويو هجي. اُنهن جي پاليسي ته اثرائتي هئي پر اُها بادشاهن تورڻي خود اُنهن لاءِ موتمار ثابت ٿي، ڇنهي بادشاهن جي ڪردار جي مختلف رُخن سبب، اختيارن جو حسد پيدا ڪيو ۽ ڇڪتاڻ شروع ٿي وئي، مئڪسيمس، بئلبينَس کان نفرت ڪندو هو ته هو هڪ عياش اميرزادو هو ۽ پويون وري پنهنجي سائيءَ کي اَٽڪاتل سپاهي ڪوئينڊو هو. سندن اندروني عداوت کي ڏسڻ جي بجاءِ محسوس ڪري سگهبو هو: [43] ۽ جيئن ته ٻئي هڪ ٻئي جي مخالفتن جي احساس کان واقف هئا ته اُهي محافظن جي ڪئمپ ۾ پنهنجي ڳڏيل دشمن خلاف پنهنجي حفاظت جي يقيني احتياط ڪرڻ جي سلسلي ۾ گڏيل هوندي به پاڻ ۾ متفق ۽ متحد نه ٿيا. سڄو شهر جوپيٽر جي مندر ڪئپيٽول وٽ ڪِل راندين جي ميلي ۾ گڏ هو جيڪو هڪ وڏي جشن جو موقعو هوندو آهي پر اهڙي موقعي تي به فقط ٻئي بادشاهه ئي هيا جيڪي اڪيلا پنهنجي محلات ۾ رهيا هيا. ڪنهن ڪڙڪي تي هو ٻئي خبردار ٿي ويا جو فوجي، قاتلن جي روپ ۾ سندن محل ۾ داخل ٿي چڪا هيا. جيئن ته هو ٻئي ساڳئي محلات جي الڳ الڳ حصن ۾ رهندا هئا ۽ هڪ ٻئي جي حال احوال ۽ حالتن کان بيخبر رهندا هئا ۽ وري هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ کان خوف ۽ شڪ ۾ پئي هوندا هيا، تنهنڪري اُنهن پنهنجو قيمتي وقت فضول بحث مباحثي ۽ هڪ ٻئي تي رڳو الزامن مڙهڻ ۾ گذاري ڇڏيو. محافظن جي محلات ۾ داخل ٿيڻ، سندن مخالفتن ۽ بحثن مباحثن کي همیشه واسطي ختم ڪري ڇڏيو. اُنهن سينيٽ جي بادشاهن کي پڪڑيو جيئن اُهي کين اهڙيءَ طرح نفرت وچان سڏيندا هئا، سندن ڪپڙا لاهي کين اگهاڙو ڪيو ويو ۽ کين وڏي بيعزتي ۽ پنهنجي فتح جي غرور ۾ کين روم جي گهٽين ۽ رستن تي گهيلو ويو ته جيئن هنن نياڻن شهزادن کي آهستي آهستي عذاب ڏئي خلقَ جي سامهون بيعزت ڪري ماريو وڃي. شاهي جرمن محافظ جيڪي بادشاهن جا وفادار هئا، اُنهن جي اوچتو اچڻ جي خوف کان، هن اذيت کي ڪجهه مختصر ڪيو ويو ۽ سندن جسرَ، جن تي هزارين زخر رسي چڪا هيا، کليل ميدان ۾ ڇڏيو ويو ته پلي وڌيڪ بيعزت ٿين يا ماڻهو مٿن رحر ڪائن. [44]

ٽورڻ ٿي مهينن اندر ڇهن شهزادن جا سِرَ ترار سان ڪاٽيا ويا هيا. گوردين جنهن کي سيزر جو خطاب اڳ ئي ملي چڪو هو، فقط اڪيلو ئي شخص هو جيڪو سندن نظر ۾ نهايت ئي موزون ۽ مناسب ماڻهو هو جنهن کي تخت جي خالي جڳهه تي ويهارجي. [45] اُهي کيس ڪئمپ ۾ ڪٽي ويا ۽ سيني محافظن گڏجي کيس سلام ۽ تعظيم پيش ڪئي ۽ آگسٽس جو خطاب ڏئي کيس بادشاهه تسليم ڪيو ويو. سندس نالو سينيٽ تورڻي عوام کي پيارو هو: سندس ننڍي عمر جي ڪري، فوجين کي پنهنجي بغير پُڇا ڳاڇا واري عياشيءَ لاءِ وڏو وقت ملي ويو ۽ روم تورڻي صوبن کي

هاڻي شاهي محافظن، بادشاهت جي عزت ۽ وقار جي سڙدي ڪڙڪ ڪانپيو، گاديءَ جي هنڌ جي نازڪ جڳهه تي، روم جي جمهوريه کي نئين خانه جنگيءَ جي خطرن کان بچائي ڇڏيو هو. [46]

جيئن ته ٽيون گورڊين پنهنجي مرڻ وقت ڏٺط اُٺويهن سالن جو هو، سندس زندگي جي تاريخ، جيڪڏهن انسان کي اڄ جي مقابلي ۾ وڏيڪ معلوم هجي ها ته اسان کي شايد سندس تعليم ۽ سندس وزيرن جي رڻيي بابت وڌيڪ معلومات ملي ها جن واري واري سان موقعي جو ناجائز فائدو ورتو هو ۽ هنجي ناتجربيڪار جوانيءَ کي به غلط طريقي سان هلائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پنهنجي جانشيني کان فورن پوءِ، هو پنهنجي ماءُ جي ڪڏڻ جي اثر هيٺ اچي ويو جيڪي اوپر جا گندا ڪِينٽان يا جيت هوندا آهن جيڪي الاگائبلس جي ڏينهن کان وٺي روم جي محلات ۾ هر طرف پکڙجي ماٺهن کي تکليفون پهچائي رهيا هئا. هنن بد فطرت ماٺهن جي مڪارين سبب معصوم شهزادي ۽ سندس رعيت جي وچ ۾ هڪ اهڙي ديوار بيهاري وئي هئي جنهن مان لنگهڻ يا اُڪري وڃڻ ناممڪن هو: گورڊين جي نيڪيءَ واري حيثيت کي دوکو ڏنو ويو هو ۽ بادشاهت جي وقار کي، توڙي جو ڪليل عوامي طريقي سان، پر اجازت يا ڄاڻ کان سواءِ ۽ انتهائي نالائقن کي وکرو ڪيو ويو هو. اسان کي ان ڳالهه جي به سُڌِ ڪانه آهي ته اُهو ڪهڙو حادثو هو جنهن مان بادشاهه هن ذلت واريّ غلاميءَ کان خوش قسمتيءَ سان بچي ويو هو ۽ پنهنجو اعتماد ان وزير تي ڪيائين جنهن جي مفيد مشورن جو ان کان سواءِ ٻيو ڪو مقصد ڪونه هو ته بادشاهه جي شانَ ۽ رعيت جي خوشين ۾ اضافو ڪري. اندازو اهو ٿو لڳائجي ته مِسيٿيَس کي، محبت ۽ علمَ جي دولت، گورڊين جي مهربانين سان واقفيت ڪرائي. نوجوان بادشاهه ان ماٺهوءَ جي ڏيءُ سان شادي ڪئي جيڪو تقرير جي فن ۾ جذبات جي اظهار جو ماهر هو: ۽ پنهنجي سَهڙي کي، بادشاهت جي پهرين صف جي آفيسرن جي رتبي تي ترقي ڏنائين. ٻه خط جيڪي ٻنهي جي درميان لکيا ويا هيا اڄا تائين سلامت آهن. وزير ان خط ۾ نيڪناميءَ جي انداز سان گورڊين کي مبارڪباد ٿو پيش ڪري ته هو ڪڏڻ جي آمريت کان هاڻي آجو آهي [47] ۽ ان کان وڌيڪ هِن ڳالهه تي خوش آهي ته ان آزادي ملڻ جو ڪيس پرپور احساس ٻه آهي. بادشاهه ڏاڍي لَڄَ ۽ حيا واري دوستاڻي طريقي سان گذريل وقت جي غلطين جو اعتراف ٿو ڪري ۽ نهايت معقول طريقي سان پنهنجي ان بدقسمتيءَ تي افسوس جو اظهار ٻه ڪري ٿو ته سندس درٻارين جي ويڪائو قوم جي وڌ ۾ وڌ ڪوشش اها هوندي آهي ته بادشاهه کان حقيقتون لڪايون وڃن. [48]

مِسيٿيَس جي جمارَ هٿيارن جي بجاءِ، لِکپڙهه جي ڪمن ۾ گذري هئي پر هن عظيم انسان ۾ ايتريون ته مختلف قسمن جون خوبيون هيون جو جڏهن ڪيس شاهي مُنهندار طور مقرر ڪيو ويو ته هن پنهنجيون فوجي ذميداريون ٻه وڏي قابليت ۽ جوش جذبي سان ادا ڪيون. فارس وارن ميسوپوٽيميا تي حملو ڪري ڏنو هو ۽ انتنٽڪ تي ٻه چڙهائيءَ جي ڏاهڪي ڏني هئي. پنهنجي سَهڙي جي زور ورڻ تي، نوجوان شهزادي روم جي عياشين کي ڇڏيو ۽ تاريخ ۾ درج ٿيل تفصيل موجب، جائوس * جي مندر کي آخري پيرو ڪوليو ويو ۽ ذاتي طور اوپر طرف ڪاهه ڪري ويو. وڏي فوجي لشڪر سميت سندس آمد شرط ئي فارس وارن پنهنجون فوجون انهن شهرن کان هٽائي ڇڏيون جيڪي اُنهن اڳواڻ ئي قبضو ڪري ڇڏيا هيا ۽ فرات تان پنهنجون ڪٽمبون هٽائي دجلہ تي وڃي قائم ڪيون هيون. گورڊين وڏي خوشي ۽ سرهائيءَ مان سينيٽ ۾ پنهنجي پهرين فوجي ڪاميابيءَ جو اعلان ڪيو جيڪو هن سنجيدگي، سادگي ۽

احسانمنديءَ سان پنهنجي پيءُ ۽ منهندار جي دانشمندي ۽ رهبريءَ جو ڪارنامو سمجهيو. پوري مُهر جُوئيءَ دوُران، مسيٽيس فوج جي تحفظ ۽ نظر ۽ ضبط جي معاملن جي وڏي ذميداريءَ سان نظرداري ڪندو رهيو ۽ سندس امڪاني خطرناڪ شڪايتن ۽ سُس پُس وار ماحول کي، ڪُشپ ۾ سيڊي سامان جي جَهجهي ۽ باقاعدي رَسدَ سان، اڳرائ ئي روڪي ڇڏيو ۽ ان ڳالهه جو پورو انتظام رکيائين ته سُرڪو، سُوئر جو گوشت، پلال، جَوَ ۽ ڪُٽڪَ سرحدن جي سيني شهرن ۾ [49] ڪافي مقدار ۾ ۽ هر وقت هٿ ڪُهرجن. پر جيئن ئي مسيٽيس هڪ مُهم قسر جي بيماريءَ ۾ مئو ته ان سان گڏ گورڊين جي خوشحاليءَ وارا ڏينهن به ڇڻ مري ويا، ان ڳالهه جو بعد ۾ گمان ظاهر ڪيو ويو ته مسيٽيس کي شايد زهر ڏئي ماريو ويو هو. فلپ کي سندس جڳهه تي مقرر ڪيو ويو جيڪو ڇائي ڇَڙ جو هڪ عرب هو ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي پوئين زندگيءَ ۾ لُٽ ڦُر سندس ڏنڏو هو. ننڍي جڳهه کان بادشاهت جي مٿاهين رتبي تائين سندس پهچڻ، اهو ثابت ڪري ته هو وڏو دلير شخص ۽ لائق ليدر هو. پر سندس بهاديريءَ کيس تخت حاصل ڪرڻ لاءِ هرڪايو ۽ هنجون لياقتون ۽ قابليتون پنهنجي مهربان مالڪ جي خدمت ڪرڻ بجاءِ ڪانئُس سپ کجهه کِسڻ ۾ لڳي ويون. هڪ اوچتي سِيڊي سامان جي مصنوعي ڪميءَ جو مسئلو پيدا ٿي ويو جنهن تي فوجين کي بُجهان لڳي، ڪُشپ ۾ هي مسئلو جُڙتو طريقي سان سندس ئي پيدا ڪيل هو ۽ هن سلسلي ۾ جيڪا فوجين کي تڪليف پهتي، ان جي سڄي ذميواري نوجوان شهزادي جي نااهلي تي مڙهي وئي. اهو هاڻي اسان جي وَسَ ۾ ڪونهي ته بعد ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو ته ان بابت صحيح حقيقتون اسان کي معلوم ٿي سگهن ته اها ڪا مخفي سازش آلائي ڪليل بغاوت هئي جيڪا آخرڪار گورڊين لاءِ موتمار ثابت ٿي. سندس ياد ۾ مرڻ جو هڪ يادگار اُنهيءَ جڳهه تي ٺاهيو ويو جتي ڪيس ماريو ويو هو [50] يعني جتي فرات ۽ ننڍي ندي آبوراس [51] پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي وڃن ٿيون. پاڳواري فلپ، جنهن کي فوجين جي وڻڻ بادشاهت جو مالڪ بنايو هو، کي سينيٽ ۽ صوبن جي فرمانبرداري حاصل ڪرڻ ۾ ڪابه تڪليف پيش نه آئي. [52]

اسان هتي هڪ ذهانت واري بيان کي، تورّي جو اُهو ڪجهه خيالي نظر اچي ٿو، نقل ڪرڻ کانسواءِ رهي نٿا سگهون جيڪو اسانجي ئي دوُر جي هڪ مشهور ليکڪ، روم جي بادشاهت جي فوجي حڪومت بابت ڪٿان ڳولي هٿ ڪيو آهي. " جنهن دوُر کي روم جي بادشاهت چوَن ٿا، اُها هڪ وِڪريل جمهوريت هئي جيڪا الجيرس جي اميراٿي يا رئيسن جي راڄ کان مختلف نه هئي جتي هڪ خودمختيار رضا ڪار فوج، مئجسٽريٽ جو عهدو پيدا ٻه ڪري سگهي ٿي ته اُن کي ختر ڪري ڪڍي ٻه سگهي ٿي ۽ جنهن کي مروج زبان ۾ پاشا يا گورنر ٻه چيو ويندو آهي. حقيقت ۾ ان کي هڪ عام استعمال يا روز مرهه جو قانون ٻه ڪوئي سگهجي ٿو ته هڪ ملينري جي حڪومت، شايد، موروثي بادشاهت جي مقابلي ۾ زياده جمهوري هوندي آهي. اهو ٻه نٽو چئي سگهجي ته سپاهي پنهنجي نافرماني يا بغاوت ذريعي حڪومت ۾ حصيدار ٿيا هيا. جيڪو ڪجهه بادشاهن کين تقريرن ذريعي ڏايو هو ته ڇا اُهي مقصد ۽ مُراد جي لحاظ سان ساڳي نوعيت جون نه هيون جيڪي اڄ ايلچين يا مئجسٽريٽن طرفان ماڻهن کي ڏايون ويندون هيون؟ ۽ تورّي جو فوج جو ڪو باقاعدي ڪردار ڪنهن اسيمبلي ذريعي يا ڪنهن ٻي شڪل ۾ ڪو نه هو ۽ ان جي باوجود نه ته سندن بحث مباحثا مختصر، انهن جي ڪارڙائي اوچتي ۽ اُنهن جا عزم ۽ ارادا ورلي نظر ايندا هٿا جيڪي سندن ڏني طبيعت جا ترجمان هوندا هٿا، پر تنهن هوندي ٻه ان حقيقت کان ڪو انڪار ڪري سگهجي ٿو ته عوام جي قسمتن جي فيصلي ڪرڻ جي طاقت ۽ سڄو

اختيار ونڻ ئي هوندو هو؟ ڪنهن به بادشاهه جي حيثيت، فساد ۽ متبلا سندس ئي حڪومت جي ڪنهن وزير کان مٿي هئي چا، جنهن کي فقط فوجين جي ذاتي مفادن ۽ فائدن جي پُورائي لاءِ چونڊيو ويندو هو؟

" جڏهن فوجين فلپ کي ٽِئين گورڊين جي جڳهه تي چونڊيو هو تہ ان وقت هو محافظن جو مُنهندار هو، گورڊين مطالبو ڪيو هو تہ ڪيس ئي اڪيلو بادشاهه بنايو وڃي پر سندس آسَ پوري نہ ٿي هئي. هن عرض ڪيو تہ اختيار سندن وچ ۾ برابريءَ جي بنياد تي. ورهايا وڃن، پر فوجين سندس ڳالهه ٻڌي، اَڻ ٻڌي ڪري ڇڏي. هن پوءِ ان ڳالهه تي به رضامندي ڏيکاري تہ سندس مرتبو گهٽائي پلي سيزر جي عهدي تائين آندو وڃي تہ اها مهرباني به مٿس نہ ڪئي وئي. هو نيٽ ان حد تائين به ويو هو جو کين عرض ڪيائين تہ پلاڪيس محافظن جو مُنهندار بڻايو وڃي تہ سندس اها التجا به فوجين وٽ نہ اگهاڻي. آخرڪار نماڻو ٿيندي کين ليلايائين تہ ڪيس جيئري رهڻ جو حق ڏنو وڃي. فوج پنهنجن هنن فيصلن ۾ عدالت جا مڪمل اختيار استعمال ڪيا. " هڪ تاريخدان مطابق جنهن جي شڪ واري بيان کي پريزيڊنٽ ڊي مونٽيسڪيو * اختيار ڪيو آهي، ان مطابق فلپ، مٿي بيان ڪيل پوري داستان ۾، خاموشيءَ جو مغموم لباس پاڻ کي پارائي ڇڏيو هو. پنهنجي محسن جي زندگي بچائڻ لاءِ تيار هو. جيستائين ڪيس اوچتو ياد پيو تہ مبادا بادشاهه جي معصوميت سندس لاءِ رومي دنيا ۾ ڪنهن خطرناڪ انساني جذبي کي جاڳائي ڇڏي تہ سندس وينتين، منتن ۽ دانهُن جي پرواهه ڪرڻ ڪانسواءِ، هن حڪم ڏنو تہ ڪيس گرفتار ڪري اگهاڙو ڪيو وڃي ۽ پوءِ ڪيس ماريو وڃي. ٿوري ئي دير ۾ سندس غير انساني حڪم جي تعميل ٿي ۽ بيدرديءَ سان ڪيس قتل ڪيو ويو. [55]

اوپر جي ملڪن کان روم واپس وَرڻ تي، فلپ ڪوشش ڪئي تہ ڏوهن جي ياد کي ۽ ان ذڪر جي ڌُهرائڻ کي ٿي ختم ڪيو وڃي ۽ عوام جي محبت حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾، هن اهڙين راندين ملهائڻ جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ مذهب جو قيد نہ هجي ۽ جن کي هن تمام وڏي شان ۽ دٻدٻي سان ملهايو. جيئن تہ آگسٽَس [56] يا تہ انهن راندين جو بنياد رکيو هو يا وري گهٽي عرصي بندرهڻ ڪانپوءِ ٻيهر شروع ڪرايون هيائين، بعد ۾ ڪلاڊيس، ڊوميٽين ۽ سيورس به اُنهن کي باقاعدگيءَ سان ملهايو ۽ هاڻي اُنهن کي پنجون پيرو، روم جي بادشاهت جي هڪ هزار سالن جي پوري ٿيڻ تي ملهايو پئي ويو. لامذهب راندين کي اهڙي تہ مهارت سان ترتيب ڏنو ويو هو تہ اُهي ماڻهن جي وهمن وسوسن جي پرپور عڪاسي ڪن ۽ اُنهن ۾ شغل سان گڏ احترام جو به جذبو موجود هجي. جيڪو وچ ۾ وڏو وقفو آيو هو، [57] تہ اُهو هڪ عمر جي برابر ايا به وڌيڪ هو ۽ جيئن تماشبينن مان ڪو به اهڙو ڪونہ هو جنهن اڳ ۾ اهي راندیون ڏٺيون هجن تہ ڪنهن به پاڻ کي اهو چئي مطمئن نٿي ڪرڻ چاهيو تہ اُهي ڪو ٻيهر اُنهن کي ڏسي سگهندا. ٽائيبر جي ڪنارن تي ٽِن راتين تائين صوفياڻي رنگ جي قربانين ڏيڻ جو اهتمام ڪيو ويو ۽ ڪئمپَس مارٽيَس (Campus Martinus) (ڇَهَر جو هڪ وڏو گرائونڊ) پوري جو پورو موسيقيءَ جي آلاپن ۽ ناچ جي ڇيرين جي ڇهَر ڇهَر سان گونجي اُٿيو ۽ چئو طرف بتين ۽ روشنين جي چانداڻ جو ڇهڇٽو مچي ويو هو. غلامن ۽ ڏارين کي، بهرحال، هن قومي جشن ۾ شريڪ ٿيڻ نہ ڏنو ويو هو. ستاويهن نوجوان چوڪرن جو هڪ ٽولو (Chorus) ۽ اوتريون ٿي خوبصورت ڪنواريون چوڪريون جن جو تعلق معتبر گهراڻن سان هو ۽ جن جا والدين به زندهه هيا، ڳائيندا ۽ ناچ ڪندا پنهنجن ديوتائن جي سامهون ادب ۽ احترام سان وڃي بيٺا ۽ کين وينتيون ڪيائون تہ موجوده وقت توڙي سندن نسلن لاءِ کين

اُميد پريون واڌايون ڏين ۽ سندن قديم مذهبي روايتن موجب هنن بہ واعدو ڪيو تہ هو نيڪ، رهندا، روم جي ماڻهن جي بادشاهت جي آرام ۽ خوشحاليءَ لاءِ دعاگو بہ رهندا تہ ان کي سُڻي کان بهتر بنائڻ ۾ پنهنجيون ڪوششون بہ جاري رکندا. [58] فلپ جي طرفان ڪرايل نمائشن، تفريحن ۽ راندين جي شان شوڪت، اُن ۾ شريڪ ٿيندڙ هزارين رڻنشي ڪوڏين کي حيران ڪري ڇڏيو. جيڪي مذهبي ماڻهو هيا تہ اُنهن پنهنجن عقيدن موجب روايتي عبادت ٿي ڪئي ۽ باقي ٻين پنهنجن ذهن ۽ دماغن ۾ پنهنجي ماضيءَ جي تاريخ کي اندر جي آئيني مان ٿي ڏٺو ۽ بادشاهت جي آئيندي لاءِ ٿي سوچيو.

جڏهن روميولَس ڏنارن ۽ ڪجهہ تخريبي قسر جي ماڻهن سان ٽائبر جي پهاڙن تي قلعا ٺاهي پاڻ کي مضبوط ۽ محفوظ ڪيو هو تہ ان وقت کي بہ هن وقت تائين ڏهہ صديون گذري چڪيون هيون. [59] پهرين چئن دؤرن ۾، جڏهن مفلسيءَ جا ڏکيا ڏينهن هيا تہ ان وقت رومين جنگ ۽ حڪومت ڪرڻ جا طريقا سکيا هيا: ۽ جڏهن اِنهن ئي طريقن ۾ نظر ۽ ضبط پيدا ڪندا ويا ۽ اُنهن کي مضبوط ۽ مستحڪم بنائيندا رهيا تہ بخت ۽ پاڳ جون پلايون بہ ساڻن شامل ٿيندين رهيون جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو ايندڙ ٽن صدين ۾ روم جي بادشاهت بيحد طاقتور ٿي اُپري ۽ يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا جي ڪيترن ئي ملڪن تائين پکڙجي وئي. پويان ٽي سؤ سال بادشاهت جي ظاهري خوشحالي ۾ اندروني زوال پذيريءَ طرف مائل هئا. فوجين، مئجسٽريٽن ۽ اسيمبلي جي ميمبرن جي قوم، جنهن ۾ روم جون پنجٽيهہ ذاتيون ۽ قبيلا شامل هئا، انسانذات جي هڪ ٻڌيءَ ۾ شامل ٿي وئي هئي جنهن ۾ لکين نِيچ قسر جا تنگ نظر ماڻهو بہ اهڙيءَ طرح ملي ويا هيا جو 'چگي - مَني' کي پرکڻ ۽ سڃاڻڻ بہ مشڪل ٿي پيو هو ۽ جيڪي فقط نالي ۾ تہ رومي هيا پر منجهن اُهو روح ۽ جذبو بلڪل ڪونہ هو. سرحد جي بربرن ۽ رعيت جي عام ماڻهن منجهان ٺهيل ڪرايي جي فوج کي بادشاهت جي نمائندگي سونپي وئي هئي جيڪي پنهنجي آزادي جي حفاظت ڪرڻ تي بہ مقرر هيا تہ وري اُهي ئي ان جو ناجائز فائدو بہ پربور طريقي سان ونندا هيا. هڪ گوڙ شور واري اُبهري اليڪشن ذريعي ڪو بہ شامي، گاٽ يا عرب، هيٺاهين کان مٿاهين منزل تائين پهچي، روم جي تخت جو مالڪ ۽ مختيار بڻجي ويندو هو ۽ ڪيس پورا آمريت جا، فتحن ڪرڻ جا ۽ اسڪيپيو جي ملڪ هلائڻ جا سڀ اختيار ملي ويندا هيا.

روم جي بادشاهت جون حدون ايجا تائين بہ اولهندي سمنڊ کان دجلہ نديءَ تائين ۽ اٽلس جبل کان رائين ۽ دنيوب تائين پکڙيل هيون. جهنگ جي بيخبر ۽ اڻ گهڙيل ماڻهن لاءِ فلپ بادشاهہ اوتروئي طاقتور هو جيترا هئڊرئن يا آگسٽس پنهنجن پنهنجن وقتن ۾ هئا. ٻنهي جو گهاڙيٽو ساڳيو هو پر سندن اندر ۾ جُنبش ۽ جوش پيدا ڪندڙ صحت بخش قوتن جي واضح گهٽتائي موجود هئي. تڪليفن ۽ ظلمن جي ڏُکهي دؤر انسانن پيدا ڪرڻ جي صنعت کي ٽڪائي ڇڏيو هو ۽ ان کي ڇيهو رسايو هو. فوجين جو نظر ۽ ضبط، جيڪو پي هر اداري يا اخلاقي ضابطي جي ختم ٿيڻ سبب، رياست جي عظمت کي قائم رکڻ جو اڪيلو ذميدار هو، سو بہ بادشاهن جي ذاتي اخلاقي بگاڙ يا ٻين ڪيترن ئي ڪمزورين سبب تباهہ ٿي چڪو هو. سرحدن جي طاقت کي، جيڪا قلعن ٺاهڻ ۾ نہ پر هٿيارن جي برتريءَ مان ظاهر ٿيندي هئي، نابود ڪيو ويو. ۽ جيڪي پر اَمن ۽ بهترين صوبا ليکيا ويندا هيا اُنهن کي بربرن جي نہ ڏاپندڙ لوپ ۽ لالچ جي حوالي ڪيو ويو. جن کي، روم جي بادشاهت جي زوال جون راهون ۽ رستا ڳولڻ ۾ ويڙهہ ٿي ڪانہ لڳي.

باب - ستون
حاشين بابت وضاحتون.

1. اڳ ۾ تخت تي، تن لڳاتار نسلن جي ويهڻ جو ڪو به مثال موجود ڪو نه هو. رڳو تن پُٽن جو مثال موجود آهي جيڪي پنهنجن پيئرن جا تخت نشين ٿيا. سيزرس جون شاديون (اجازت وٺڻ جي باوجود ۽ طلاق ڏيڻ جي عمل جو عام ٿي ويڻ کانپوءِ گهٽو ڪري ناڪام رهيون).
2. آگسٽ جي تاريخ. (ص - 138)
3. آگسٽ جي تاريخ، (ص - 140) هيرودئن، (vi,223) آريليَس وکٽر. هنن مصنفن جي هڪ ٻئي سان پيٽ ڪرڻ تي معلوم ٿئي ٿو ته مئڪسيمن کي ٽرائبئلين گهوڙي (Triballian Horse) تي پورو قبضو هو جنهن ذريعي هو سڄي فوج جي نظر ۽ ضبط کي مستحڪم ڪرڻ ۽ ڪميشن ڪائڻ جو انتظام سنياليندو هو. سندس زندگي جو احوال لکندڙ تاريخدان، وڏيڪ خيال ۽ ڏيان سان سندس بهاديريءَ جي ڪمن ۽ ملينري ۽ لڳاتار ترقين جي سلسلي ۾ سندس طرفان ڪنيل قدمن جو خاص ذڪر ڪري ها.
4. ڏسو سڪندر سيورَس جو اصلي خط. (آگسٽ جي تاريخ. ص - 149)
5. آگسٽ جي تاريخ (ص - 135) مون، بدقسمت سوانح نگار جي گهٽين ٿي ناممڪن حالتن کي بيحد نرم ڪري پيش ڪيو آهي. غلط لفظن جي هن بيان مان، اهو معلوم ٿيڻ گهرجي ته شهزادي جو مسخرو جيڪو هڪ حادثاتي طور شاميانو ۾ اندر هليو ويو ۽ اگهوُر نند ۾ سُتل بادشاهه کي وڃي جاڳايائين، ته سزا جي خوف ڪيس مجبور ڪيو ته هو غير متاثر ٿيل فوجن تي زور پري ته هو ڪيس قتل ڪري ڇڏين.
6. هيرودئن (227 - 223 ,vi) .
7. ڪئليگولا جيڪو ڇٽن مان وڏو هو، تخت تي ويهڻ وقت سندس عمر فقط پنجويهه سال هئي، ڪئراڪالا ٿيويهن سالن جو هو، ڪموڊس اٺويهن جو ۽ نيرو سترهن سالن کان وڏو نه هو.
8. لڳي ٿو ته هو يوناني هولي کان صفا ناواقف هو، جيڪا هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ توڙي لکڻ پڙهڻ ۾ آفاقي سطح تي استعمال ٿيندي هئي ۽ اوائلي تعليمي سرشتي ۾ پڻ نهايت ضروري سمجهي ويندي هئي.
9. آگسٽ جي تاريخ، (ص - 141) هيرودئن، (vii, 237) هنن تاريخدانن ۾ پوئين تي ناجائز تنقيد ڪئي وئي آهي ته هن مئڪسيمن جي براين تي ايترو نمايان طور نه لکيو آهي.
10. مئڪسيمن جي زال، عورتاڻي نرم ۽ مهذب طريقي سان آمرَ کي عقلمنديءَ جا مشورا ڏيندي رهندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪيس سڃائيءَ ۽ انسانيت جي رستي تي واپس وٺي ايندي هئي. ڏسو اميئينَس مارسيلينَس (xiv,I) کي، جتي هو هڪ حقيقت جو حوالو ٿو ڏئي ۽ جنهن کي هن گورڊيَنس جي حڪومت ۾ پوريءَ طرح بيان ڪيو آهي. اسان کي تمغن مان معلوم ٿو ٿئي ته هن رحمدل ۽ سٹي طبيعت رکندڙ شهزادي جو نالو پالينا (Paulina) هو ۽ ڪيس ڊيوا جي لقب ملڻ سان اها به خبر پوي ٿي ته هو مئڪسيمن کان اڳ مري وئي هئي. (وِيلسيَس. ائمين) اسپانير (ii, 300) .

11. هنجي پيٽ اسپارٽڪس ۽ اينيو سان ڪئي وئي هئي. (آگسٽ جي تاريخ - ص - 141)

12. هيرودئن، (vii, 238) ڏوسيمس (i, 15) .

13. بائزيسيم جي آباد وادي، ۾. هي، ڪارليج کان هڪ سؤ پنجاهه ميل ڏکڻ تي آهي. گورڊيئنس طرفان شهر کي ڪالوني، جو خطاب ڏئي سينگاريو ويو ۽ هڪ خوبصورت نمائش گاهه ۽ ٿيٽر به ٺهرايو ويو جيڪو اڄا تائين بهتر حالت ۾ موجود آهي. (ڏسو اينرار. ويسلنگ ص - 59) (۽ شا جو سفر نامو - ص - 177) .

14. هيرودئن (viI, 239) آگسٽ جي تاريخ (ص - 153).

15. آگسٽ جي تاريخ (ص - 152) پامپي جي شهرت رکندڙ اداري (جيڪو روم جي ضلعي ڪئريني (Carinae) ۾ هو) تي مارڪ انٽني (Marc Antony) قبضو ڪري انکي ضبط ڪري ڇڏيو هو ۽ ٽرائمور جي موت کانپوء آخرڪار اُهو بادشاهت جي حدن ۾ اچي ويو. ٽراجن بادشاهه، دولتمند سينيٽرن کي اجازت ڏني بلڪ کين همٿايو ته اُهي شاندار پرهاٽي ڪنهن نه ڪر جا محلات خريد ڪن (پلني، مدح سرائي ۾ (50)) ۽ اهو ممڪن آهي ته هن موقعي تي پامپي جو ادارو گورڊين جي پڙ ڏاڏي جي قبضي ۾ آيو هوندو.

16. ڪلاڊين، نيوميڊين، ڪئرسٽين ۽ سِنادين. روم جي پٽ جا رنگ اَڊ ڇنا بيان ڪيل ۽ نامڪمل طرح سان سجاتا ويا آهن. بهرحال اهو معلوم ٿو ٿئي ته ڪئرسٽين جو رنگ سامونڊي - سائو هو ۽ سِنادا جو ماربل سفيد هو جنهن ۾ واڱڻائي - ڳاڙهو رنگ به ڳڌيل ٿي نظر آيو. (ڏسو سماسيس ائڊ آگسٽ جي تاريخ - ص - 164).

17. آگسٽ جي تاريخ (صفحا - 151-152) هُن ڪڏهن ته ترار بازن جا پنج سؤ جوڙا ڳٺايا آهن. پر جيڪي ڪنهن به صورت ۾ ڏيڍ سؤ کان گهٽ نه هئا. هن وري هي هنڌ سؤ سِسلي جا ۽ اوترائي ڪپاڊوشيا جا گهوڙا، سائرس (Cirus) جي استعمال لاءِ ڳٺايا آهن. شڪار لاءِ جي جانور بيان ڪيل آهن، اُهي گهٽو ڪري ريڇ، سوئر، سانڍ (مينهن جو نر) ڏاڙها، هرڻ يا سامبر، جهنگلي ڳڌا وغيره آهن. هاٿي ۽ شينهن، لڳي ٿو ته شاهي مرتبي سان ملايا ويا آهن.

18. آگسٽن جي تاريخ (ص - 152) ۾ ڏسو اصلي خط، جنهن ۾ سڪندر جي طرفان سينيٽ جي اختيارن جي عزت ڪرڻ جو فوري بيان آيل آهي ۽ ساڳي وقت مُجسٽريٽ لاءِ سندس احترام بابت به ذڪر ٿيل آهي جنهن کي اسيمبلي مقرر ڪيو هو.

19. هر سُريت مان، ننڍي گورڊين ٽي يا چار هار پيدا ڪيا. سندس ادبي تخليقون، جيڪي ايتريون گهٽيون نه هيون، اُهي ڪنهن به طرح سان نفرت جي لائق نه هيون.

20. هيرودئن (vii, 243) آگسٽ جي تاريخ (ص - 144).

21. (" سينيٽرن پنهنجي طرفان تيستائين منظوري ڏئي ڇڏي جيستائين اُنهن ان کي خطرناڪ سمجهيو، ڇو ته هو بغير هٿيارن جي هيا ۽ مخالف هٿيارن وارو هو. ")

22. گهر جا نوڪر ۽ ڪاتب به ٻاهر ڪيا ويا ۽ هنن جي آفيس خود سينيٽرن سان پريل هوندي هئي. اسان آگسٽن تاريخ کي مجيون ٿا (ص - 157) جنهن ۾ هن گڏيل دولت جي قديمي نظم ۽ ضبط جي اهم مثال کي اسان جي لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي.

23. هيءَ جذباتي تقرير، آگسٽن تاريخ تان ترجمو ڪيل آهي (ص - 156) لڳي ٿو تہ هن سينيٽ جي رجسٽرن تان ڪاغذن تي ان کي نقل ڪيو آهي.

* صفحو - 151 (پيشنگوئي ڪئي يا اندازو لڳايو)

+ صفحو - 151 (ٻنديو، تقدير يا ٻُرو نصيب)

24. هيروڊئن. (vii, 247, viii, 277) آگسٽ جي تاريخ (صفحا - 158-156).

26. هيروڊئن (vii, 254) آگسٽ جي تاريخ (صفحا - 160-158) اسانکي اندازو ٿئي ٿو تہ ڪسوبان ۽ پئٽوينيئس جي اها درستگي صحيح ٿي لڳي تہ گورڊين جي حڪومت هڪ مهينو ڇہ ڏينهن هلي، باقي هڪ سال ڇهَن مهينن جي ڳالهہ درست نٿي معلوم ٿئي. ڏسو ڪمينٽار (ص - 193) زوسيمس بيان ٿو ڪري تہ ہ گورڊين پنهنجي سامونڊي سفر جي وچ ۾ هڪ تيز طوفان سبب ہڏي ۽ مري ويا. هي يا تہ تاريخ ڪان عجيب اڻڄاڻائي آهي يا وري تشبيهن جو عجيب ۽ غلط استعمال آهي.

27. ڏسو آگسٽن تاريخ (ص - 166) سينيٽ جي رجسٽرن منجهان معلوم ٿو ٿئي تہ تاريخ تہ يقيني طور تي غلط آهي؛ باقي سڄ ديوتا جي راندين جو اتفاق اسانکي، انکي صحيح ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ٿو.

28. سنڈس نسل ڪارنيلس بئلبَس منجهان هو، جيڪو اسپين جو هڪ معزز شخص هو ۽ ٽيوفينس جو جهوليءَ جهليو پٽ هو جيڪو هڪ يونان جو تاريخدان هو. بئلبَس، پامپيءَ جي مهرباني‌ءَ سان، روم جي آزادي حاصل ڪئي ۽ سيسيرو جي فصاحت بلاغت جي ڪمال ذريعي ان جي حفاظت ڪئي. سيزر جي دوستي (جنهن سان هن خانہ جنگين ۾ ڪيترين ئي مخفي خدمتون سرانجام ڏنيون) ڪيس سفارتي عهدن تائين مٿي کڻي وئي ۽ پوءِ بشپ جو عهدو بہ ماڻيائين. هي اعزاز اڳ ڪڏهن بہ ڪنهن ڌارئي کي عطا نہ ڪيا ويا هيا. بئلبَس جي پائڻيي، گرمانٽيس تي برتري حاصل ڪئي. ڏسو ڊي بائل جي لغت - اَرُمات بئلبَس، جتي هو پنهنجي نالي وارن ڪيترن ماڻهن کي مات ڏئي ويو ۽ ٻين ليکڪن جي ڪيترين ئي غلطين جي بلڪل صحيح دُرستي ڪيائين، جيڪي ڳالهيون خود اُنهن متعلق هيون.

29. ڏونارس (xii, 622) ۾ يونان جي هڪ جديد ليکڪ تي اعتبار نٿو ڪري سگهجي ڇو تہ هو ٽين صدي جي تاريخ ڪان ايترو تہ ناواقف ٿو لڳي جو هن ڪيترائي روم جا خيالي بادشاهہ تخليق ڪري ڇڏيا آهن ۽ اُنهن متعلق وري شڪ ۽ گمان ۾ مبتلا رهيو آهي جيڪي بادشاهہ تاريخ ۾ موجود رهيا هيا.

30. هيروڊئن (vii, 256) اندازو ٿو لڳائي تہ سينيٽ جو اجلاس پهريون ڪئپيٽول (Capitol) تي سڏرايو ويو هو ۽ ان موقعي تي هو ڏاڍو ڪَلي ڳالهائي ٿو. آگسٽن تاريخ (ص - 166) وڌيڪ مستند لڳي ٿي.

31. هيروڊئن ۾ (vii, 249) ۽ آگسٽن تاريخ ۾ اسان کي مئڪسيمن جون هونئن تہ ڪيترين ئي ۾ ٿي رسمي تقريرون آفريڪا ۽ روم جي وچ ۾ ٽيل فساد بابت هٿ آيون آهن جن ۾ هو پنهنجي فوج کي مخاطب ٿيو آهي: ايبرڊي ٽليمانٽ اسان کي صحيح ٻڌايو آهي تہ اُهي موضوعاتي طرح سان نہ تہ هڪ ٻئي سان ملن ٿيون ۽ نہ وري اُنهن سان سچ جو ڪو واسطو آهي. (بادشاهن جي تاريخ. (iii, 799) .

32. ان دؤر جي ليکڪن جي بيپرواهي اسان کي وَڏل ۾ وجهي ڇڏيو آهي: 1 اسان کي خبر آهي تہ مئڪسيمَس ۽ بئلبينَس، ڪئپيٽولائن راندين جي هلندي ماريا ويا هيا. (هيروڊئن (viii, 285) سينسورينَس جي دعويٰ (ڊي، ڊاءِ نتالي

باب - 18) اسان کي ان ڳالهه تي يقين ڏياري ٿي ته راندين هر صورت ۾ سن 238ع ۾ کيڏيون ويون هيون پر اسانکي ڏينهن يا مهيني بابت کابه سُڌِ نٿي پوي ته کهڙو ڏينهن يا مهينو هو. 2 سينيٽ طرفان گوردين جي الیکشن پک سان 27 مئي تي رکيل هئي پر اسان ان بابت مونجهاري ۾ آهيون ته اُها ان سال يعني 238ع ۾ ٿي يا ان کان ۾ اڳئين سال کرائي وئي هئي. تليمانٽ ۽ مورا توري جيکي ۾ متضاد رايا رکن ٿا، پنهنجي دليلن جي حق ۾ اجايون فضول دعوائون، انومان ۽ امکاني ڳالهين تي پاڙين ٿا جيکو عبث آهي. هکڙو نتيجا اخذ کري ٿو ۽ ٻيو وري واقعن تي گهٽو پاڙي ٿو جيکي اُنهن دؤرن جي وچ ۾ ٿي گذريا پر افسوس ته نه دليل اُنهن کي قبول کري ٿو ۽ نه وري تاريخ اُنهن جي شاهدي ڏئي ٿي. پوءِ ۾ اهو ڄڻ ضروري ٿو لڳي ته اُنهن مان کنهن هک جي ڳالهه ته مڃڻي پوندي.

33. ويليَس پٹرڪيولس (ii, 24) دي پريذيڊنٽ دي مونٽيسڪيو (سِلا ۽ يوڪريٽس جي وچ ۾ ٽيل گفتگو ۾) آمِرَ بابت پنهنجي راءِ جو اظهار کري ٿو جيکا جذباتي ۾ آهي ته نهايت متاهين ۾ آهي.

34. مرٽوري (اٽلي جي تاريخ جا ورق - ii, 294) سمجهي ٿو ته جون يا جولاءِ جا مهينا فبروري جي مقابلي ۾ برف جي پگهر جڻ لاءِ نهايت ئي مناسب مهينا آهن. هکڙي ماٿهو جنهن پنهنجي سڃي ڄمار ائلپس ۽ اپينن جي وچ ۾ گذاري، انجي راءِ کي وڏو وزن آهي: انجي باوجود منهنجو خيال آهي ته: 1 ڊگهو سيارو جنهن جو اپينن فائدو ورتو آهي، رڳو لاطيني کتابن ۾ ملي ٿو باقي هيرودئن جو يرناني متن ان کان بلکل خالي آهي. 2 سِجَن ۽ مينهَن جا لاها ڇاڙها جن ۾ مئکسيمن جا سپاهي پريشان ٿي ويا هيا (هيرو ڊئن - viii, 277) ته ان مطابق اُها اونهاري جي ٻاهر جي موسر آهي. ته اسان اهڙيءَ طرح سوچيون ٿا ته هي کيترائي وهکرا جيکي رِجي هک ۾ ملي هڪُ ٿي ويا ته ان کي شاعري اصطلاح موجب تِماوس چئبو هو (جيکو هر لحاظ سان جيئن ورجل ٻڌايو آهي ته کيڏو نه ٻڌڻ ۾ به سئو ٿو لڳي) اُهي عتيليا کان ٻارهن ميل اوپر طرف آهن. (ڏسو - کلوور - قديم اٽلي ۾ - (i, 189) .

35. هيرودئن (viii, 272) کلني ديوتا لاءِ چيو ٿو وڃي ته اُهو اپولو ٿي هوندو ۽ جنهن ان ٽالي ۾ سينيٽ طرفان شڪريي ادائي ۾ وصول کئي هئي. ساڳي طريقي سان گنجي زهره لاءِ مندر ۾ ٺاهيو ويو جيکو عقليا جي عورتن کي اڀيو ويو هو جن پنهنجا وارَ کٽي ان جذبي سان ڏنا هيا ته مليٽري جي انجڻين لاءِ اُنهن مان رَسا ٺاهيا وڃن.

36. هيرودئن، (viii, 279) آگسٽ جي تاريخ (ص - 146) مئکسيمن جي حکومت جي دؤر کي درست طريقي سان نه ڄاڻايو ويو آهي سواءِ يوٽروپيس جي جيکو کيس ٽي سال ۽ کجهه ڏينهن جي اجازت ڏئي ٿو. (IX, 1) اسان مَتن جي سچائيءَ تي اعتبار کري سگهون ٿا ڇو ته لاطيني اصلي نسخو پينيَس جي يوناني نقل سان پيٽيو ويو آهي.

37. روم جا اُٺ فوٽ ۽ انجو وڏيڪ ٽيون حصو. انگريزي جي اٽن فوٽن کان ماپ ۾ وڏيڪ ٿيندا ڇو ته ٻنهي ماپن جو حساب کتاب کجهه هن طرح آهي: 967 = 1000 ڏسو گريو (Grave) جو هن سلسلي ۾ کيل کر جيکو روم جي فوٽ جي باري ۾ آهي. اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته مئکسيمن هک ڏينهن ۾ شراب جو هک ائمفورا (سَت انگريزي گئلن) پي ويندو هو ۽. ٽيهن کان چاليهن پائونڊن تائين گوشت کائي ويندو هو. هو مال سان پريل وٹگن کي هَلائي ويندو هو ۽ پنهنجي مُکَ سان گهوڙي جي ٽنگ ڇڄي ڇڏيندو هو. هٹن ۾ پٹرن کي پوري ڇڏيندو هو ۽ ننڊن وٹن کي پاڙئون پٽي اُڇلائي ڇڏيندو هو. وڏيڪ تفصيل لاءِ آگسٽن تاريخ ڏسو.

38. ڏسو آگسٽن تاريخ ۾ کلاڊيس جولئينَس جا، ۽ بادشاهن ڏانهن موکليل مبارکباد جا خطَ.

39. آگسٽ جي تاريخ. (ص -171).

* ص - 157 (اندروني)

40. هيرودِئن (viii, 258) .

41. هيرودِئن (viii, 213) .

42. سينيٽ جي تعريف ڪرڻ يا داد ڏيڻ جي سلسلي ۾ غير دانشمندي يا اُبهرائيءَ واري راءِ ڏني وئي آهي، ۽ فوجين جي باري ۾ پڻ نِيڇائيءَ واري بيعزتي ڪرڻ جو انداز نمايان پيو نظر اچي.

43. (لاطيني يا رومي زبان ۾ لکيل جملو) آگسٽ جي تاريخ (ص -170) هن جملي جو انتخاب ڪنهن سني ليکڪ منجهان ڪيو ويو آهي.

44. هيرودِئن. (viii, 287, 288)

45. (" ڇو جو ٻيو ڪو به موجود ڪونه هو.") آگسٽن تاريخ ۾ درج ٿيل جملو آهي.

46. ڪئنٽس ڪرٽِس (x, 9) وقت جي بادشاهه کي شاندار داد جو نذرانو ڏئي ٿو جيڪو تخت نشين ٿيندي ئي، ڪيترين ئي ڪدروتن جون باهيون وسائي ڇڏي ٿو. ڪيترين ئي اُڳهاڙين تارين کي مياڻ ۾ وجهرائي ٿو ۽ ورهايل حڪومت جي لعنت کي هميشه لاءِ ختر ڪري ڇڏي ٿو. هن ٽڪري جي هر لفظ کي غور سان تورڻ تڪڻ بعد، آءٌ ان خيال جو آهيان ته اهو اعزاز پوري روم جي تاريخ ۾ فقط گورڊين کي سونهين ٿو. ان سلسلي ۾، ڪئنٽس ڪرٽِس جي دؤر جو به فيصلو ٿي سگهي ٿو. جيڪي ڪيس پهرئين سيزر هيڊ جاڻائن ٿا، اُهي سندس انداز جي سچائيءَ ذريعي بحث ڪن ٿا پر ساڳي وقت روم جي تايخدانن بابت صحيح ۽ سچي لسٽ مهيا ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪئنٽيلين جي خاموشي کين پريشان ڪري ڇڏي ٿي.

47. آگسٽ جي تاريخ (ص - 161) هن خطن ۾ جيڪي اشارا ڏنل آهن اُنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪدڻ کي محلات مان ڪنهن نرميءَ واري تشدد ڪرڻ کان پوءِ ئي باهر ڪڍيو ويو هو ۽ نوجوان گورڊين اُنهن جي بيعزتي ڪرڻ لاءِ رضا مندي ته نه ڏيکاري هئي، البت ڪن سببن ڪري شايد هن ان جي منظوري ڏني هئي.

48. (" هن مِسيٽيَس جي ڏيءُ سان شادي ڪئي. جنهن کي هن سندس زبان جي فصاحت سبب پنهنجو عزيز سمجهي کيس فورن مُنهندار بنائي ڇڏيو. هن کانپوءِ سندس حڪومت نه ته ٻاراڻي هلڪڙائپ واري ۽ نه نفرت جي قابل نظر آئي.")

* ص - 159 (جانوس جو مندر جنگ جي زماني ۾ کوليو ويو هيو).

49. آگسٽ جي تاريخ (ص - 162) آريليَس وکٽر، پورفيريَس، وِٽ پلوٽن ببليوٽ يونان ۾ (iv, 36) فيلسوف پلوٽينَس، ڇاڻ حاصل ڪرڻ جي جستجو ۾ اڳتي وڃي نوَن ڏيهَن ڏسڻ جي خواهش ۾ هندستان تائين رَسڻ جي ارادي سان هُو فوج سان گڏجي اڳتي وڌيو.

50. ننڍڙي شهر سرسيسيَر کان ٻنهي بادشاهتن جي سرحد تي اُهو ويهن ميلن جي مفاصلي تي هو.

51. نقش (جيڪو فلپ جي نالي تي عجيب طرح جي ٻٽي معنيٰ رکندڙ هو) جنهنکي لينيَس جي حڪم تي مِٽايو ويو هو، ان ذريعي فلپ سان ڪنهن تعلق جي دعويٰ ڪئي وئي هئي (آگسٽ جي تاريخ - 165) پرٽومولَس يا مِٽيءَ جو ڊير جنهن مان قبر جو نشان ظاهر هو ته اُهو جولين جي دؤر تائين به سلامت رهيو هو. ڏسو (اَميئينس مارسيلينَس xxiii, 5)

52. آريلس وکٽر، يوٽراپ (ix, 2) اوروسيس (vii, 20) اميئينس مارسيلينس (xxiii,5) زوسيمس (i,19) فلپ جيکو بوسترا جو رهاکو هو، چاليهن سالن جو هو.

53. ڇا الجيرس جي حڪومت سان اميراڻي راڄ، جو لقب سُونهين ٿو؟ هر فوجي حڪومت نج موروثي حڪومت ۽ بگڙيل جمهوريت جي وچ ۾ لوڏا کائيندي نظر اچي ٿي.

54. مصر جي مملوڪن جي مليٽري جمهوريه، ايبر - ڊي مونٽيسڪيو کي جائز ۽ پروقار جانشين ڏيڻ جو شايد موقعو ڏئي ها.

* صفحو - 160 (فرانسيسي فيلسوف ۽ مصنف (1689 - 1755)

55. آگسٽن تاريخ (صفحا - 163, 164) هن سلسلي ۾ ، نه ته پنهنجي پاڻ سان ۽ نه وري امڪاني ڳالهين سان پيڇجي ٿي يا انصاف ڪري ٿي. فلپ پنهنجي اڳئين جانشين کي ڪيئن نندي ها جڏهن ته هن سندس ياد کي عزت ۽ احترام سان ٿي ملهايو؟ هو ماڻهن جي آڏو سندس موت جي سزا تي عمل ڪرائڻ جو حڪم ڪيئن ڏئي ها جڏهن ته سينيٽ ڏانهن لکيل پنهنجن خطن ۾ هن پنهنجي پاڻ کي سندس موت جي ذميواري کان آجو ڪري ڇڏيو آهي؟ فلپ، توڙي جو خواهش سان پرپور قابض هو پر ڪنهن به صورت ۾ هُو ڪو جنوني آمر نه هيو. هن سلسلي ۾ ڪجهه تاريخوار ڳالهين جو تضاد ۽ مشڪلاتون، ٽليمانٽ ۽ مرتوري جي تيز مشاهدي ڳولي لڌيون آهن جيکي فلپ جي بادشاهت سان لاڳاپيل تعلق جي باري ۾ آهن.

56. هڪ خيالي ۽ آخري جشن جو تفصيل جو اُهو تاريخ جو سونهري دؤر هو، ايترو ته مشڪوڪ ۽ اَڻ چٽو آهي جو ان جو بدلي ۾ اسان کي جيکو ڪجهه مليو آهي اُهو شڪ ۾ ايترو مبتلا نٿو ڪري. جڏهن پادريءَ جا جشنَ ۽ آزاد راندين جي نقل جا قصا، بونيفيس VIII طرفان گهڙيا ويا ته ڇالاڪ پادري فريب ڪندي ٻڌايو ته هن رڳو هڪ قديمي ثقافتي اداري کي جيئاريو هو. (ڏسو ايبر -' لي چئس کي جشن جي باري ۾ لکيل خطن ۾.)

57. يا ته پورو سؤ يا سؤ ڏهن سالن جو عرصو آهي. وارو (Varro) ۽ لِوي پهرئين سان اتفاق ڪن ٿا جڏهن ته سِبل (Sybil) جي اعتماد واري دعويٰ موجب پويون صحيح ۽ درست آهي. (سينسورئنس ڊي ڊاءِ ناتل - باب - 17) ڪلاڊيس ۽ فلپ بادشاهَ غيبي علمن يا قوتن کي احترام مان نه ڏسندا هئا)

58. آزاد يا لامذهب راندين جي تصور کي هورئس جي شاعري ۽ زوسيمس جي بيان ۾ خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

59. وارو کان جيکو تاريخي دؤرن جو تذکرو اسان تائين پهتو آهي، ان مطابق روم جي بنياد پوڻ جو دؤر حضرت عيسيٰ (عليه السلام) کان 754 سال اڳ جو آهي. ۾ روم جا تاريخوار واقعا ايترا ته گهٽ ۽ اَڻ چٽا اسان کي معلوم ٿي سگهيا آهن جو اُنهن جي اوائلي دؤر تي پوريءَ طرح ياڙي به نٿو سگهجي: ان حد تائين جو سرآئزڪ نيوٽن به ان واقعي يا دؤر کي ايجا پنٽي وڌي ويو آهي جو ان اهو سال 627ع ڇاڻايو آهي.

باب اٺون

اردشير (ارٽڪسزرڪيس) جي موروثي حڪومت جي بحاليءَ کانپوءِ فارس جي حالت .

جڏهن ہ ٽئسيئس کو خوبصورت واقعو يا قصو ٻڌائڻ تي آماده ٿئي ٿو جنهن ۾ هُو جرمنس يا پارٿينس جي وچ ۾ اندروني يا گهريلو ڏيتي ليتيءَ جي معاملن جو ذڪر ڪري ٿو ته سندس خاص مقصد ۽ ڪوشش اها هوندي آهي ته پنهنجن پڙهندڙن جو ڌيان برائي ۽ بدنصيبيءَ جي هڪ جهڙن ڏکوئيندڙ موضوعن کان هٽرائي اُنهن کي ڪجهہ سکون پهچائي. آگسٽس جي حڪومت کان وٺي سڪندر سيورس جي وقت تائين، روم جا دشمن، آمرن توڙي سپاهين جي روپ ۾، سندس ئي اندروني صفن ۾ ويڙهيا ۽ ملڪ جي خوشحاليءَ کي، رائين توڙي فرات جي پرانهَن ڪنارن تي ايندڙ انقلابن سان رتيءَ ماتر ہ دلچسپي ڪانہ هئي، پر جڏهن مليٽري جي طاقت، بادشاهَ جي اختيارن، سينيٽ جي قانونن توڙي فوجي ڪٽمب جي نظر ۽ ضبط کي ہ بلڪل برباد ڪري بدنظمي ۽ لاقانونيت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ته اُتر توڙي اوير جي بربرن، جن کيتري وقت کان وٺي سرحدن تي، ڪنهن مناسب موقعي جي تاڙ ۾ سِرٽين جيان لامارا ٿي ڏنا، ڪمزور بادشاهت جي صوبن تي فورن حملا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا. سندن پريشان ڪندڙ سرحدي جهڙپون بعد ۾ خطرناڪ حملن جي روپ ۾ ظاهر ٿيون ۽ هڪ ہٹي کي ايڏائيندڙ ۽ مصيبتن ۾ مبتلا ڪندڙ عذابن جي ڏکهي سفر ڪانپوءِ، حملي ڪندڙ فاتحن جي کيترن ئي قبيلن روم جي بادشاهت جي صوبن ۾ وڃي پاڻ کي آباد ڪيو. هنن وڏن واقعن بابت ڇڻي ۽ صاف ڇاڻ ڏيڻ خاطر اسان کوشش ڪنداسين ته اُنهن قومن جي اڳوٽي ڪردار، رهٽي ڪهٽي ۽ سندن ارادن ۽ منصوبن بابت اوهانکي ڪجهہ ٻڌائجي جن حنيبل ۽ مثريڊيٽس * (Hannibal & Mithridates) جي مقصد ۽ عزم جو انتقام ورتو هو.

هن دنيا جي اوائلي وقتن ۾ وڏن وڏن ٻيلن، جن سڄي يورپ کي ڍڪي ڇڏيو هو، وحشي ياڇوڪرن کي آساني۽ سان پنڌتي هٽڻ جو موقعو ٿي ڏنو. ايشيا جا رهواسي اڳ ۾ ٿي گهٽي تعداد ۾ گڏ ٿي وڏا شهَر آباد ڪري چڪا هيا ۽ اُنهن، بادشاهت جي وسعتن ۾، فنَ، هنر، عياشي توڙي آمريت جا مرڪز قائم ڪري ڇڏيا هيا. اسيريا جي ماڻهن تيستائين اوير [1] تي حڪمراني ڪئي جيستائين ۽ جڏهن نائنَس ۽ سيميرامِس جي طاقت جو ڏنڏو، سندن ڪمزور جانشينن جي هٿن مان ڇڪي ٻيو. فارس ۽ بابل وارن اختيارن کي پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ خود ٿي فارس جي بادشاهت ۾ ضم ۽ هضم ٿي ويا جن جي طاقت فقط ايشيا جي محدود دائرن تائين نہ ۾ سندن حڪومت جو دائرو وڏو ۽ بيحد وسيع هو. ہن لکن ماڻهن جو لشڪر وٺي ارد شير، (Artaxerxes) جيڪو سائرس جي نسل مان هو، يونان تي حملو ڪري ڏنو. يونانين طرفان تيهہ هزار سپاهين جو لشڪر فلپ جي پُٽ سڪندر اعظر (Alexander the Great) جي ڪمانَ ۾، سندن وقار قائم رکڻ ۽ بدلي وٺڻ لاءِ، رکيو ويو جنهن کي فارس جي شڪست لاءِ ڪافي سمجهيو ويو. سيليوڪَس جي نسل جي شهزادن پهريون ته قبضو ڪيو ۾ پوءِ مشيڊونيا کي اوير جي حڪمرانيءَ کي جلد ختر ڪرٽو پيو. ساڳي ٿي وقت هڪ ذلت آميز سمجهوتي ذريعي اُنهن تورس جبل جي پاسي جو ملڪ روم جي حوالي ڪري ڇڏيو. اُنهن کي اسڪيٽين

جهڙي معمولي نسل جي جهنگلي ٽولي وارن پارٿينس بہ مٿين ايشيا جي سڀني صوبن مان تڙي ڪڍيو. فارسين جي زبردست طاقت جي ڏاکي جو واڌ هندستان کان شام جي سرحدن تائين پيو ٻڌبو هو پر انکي اَردشير اُونڌو ڪري ڇڏيو ۽ جنهن هڪ نئين شاهي خاندان جو " پايو وجهندڙ" جو اعزاز ماڻيو جنهن ساساني گهراڻي جي حيثيت سان عربن جي حملي ڪرڻ تائين فارس تي حڪومت ڪئي. هي عظيم انقلاب، جنهن جو تڪڙو ۽ موتمار اثر خود رومين تي بہ پيو، سڪندر سيورس کانپوءِ چوٽين سال تي ۽ عيسائي سال جي شروعات [2] کان بہ سؤ ڇَويهہ سال پوءِ برپا ٿيو.

اردشير، ارتابن جي فوجين ۾ وڏي نالي ۽ ناموس سان پنهنجون خدمتون بجا آندیون هيون جيڪو پارٿينس جو آخري بادشاهہ هو. مشاهدي مان اڻين پيو معلوم ٿئي تہ شاهي احسان فراموشي ۽ بغاوت جي الزام ۾ ڪيس ملڪ نيڪالي ڏني وئي هئي جيڪو بادشاهن طرفان، وڏيڪ ذهانت ۽ اهليت لاءِ دستوري انعام هوندو آهي. سندس ڇَڙ غير واضح هو ۽ اهو ئي وڏو سبب هو جو ڪجهہ ماڻهن جون ساٿس دشمنيون ٿي پيون ۽ وري سندس ساڻين ۽ مداحن سندن خوب خوشامدون ٿي ڪيون. اسان جيڪڏهن پهرئين طبقي طرفان اُتاريل چوڻ ٻول تي اعتبار ڪريون تہ ان موجب اردشير، هڪ عام سپاهيءَ جي هڪ چمڙي رنگيندڙ جي زال سان ناجائز تعلقات [3] منجهان ڄائو هو يا ٻين لفظن ۾ هڪ حرامي ٻار هو. ٻيو طبقو ڪيس فارس جي قديمي بادشاهن جو نسل ڪوٺي ٿو تورڙي جو وقت ۽ قسمت جي بدنصيبي سندس خاندان جي وڏن کي خانگي شهري جي هيٺئين درجي تي رهڻ ۽ گذران ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو هو. [4] بادشاهت جي سلسلي جي وارث طور، هن تخت تي پنهنجي دعويٰ جو حق ڄمايو ۽ فارس جي عوام کي ظلمن جي جنڊ ۾ پيسجڻ کان نجات ڏيارڻ خاطر للڪار ڏنائين جنهن ۾ هو ڊئريَس جي موت کان وٺي پنجن صدين کان وڌيڪ عرصي تائين عذاب ۾ مبتلا رهيا هيا. ٽن وڏين جنگين ۾ پارٿينس کي شڪست ڏني وئي. سندن آخري بادشاهہ اَرتابن کي قتل ڪيو ويو ۽ سندن قومي جذبي کي بہ ڪاپاري ڏک لڳو جو اُهو منجهن هميشہ لاءِ ختم ٿي ويو. [5] اردشير جي اختيارن کي خراسان جي شهر بلخ ۾ سڏايل اسيمبليءَ اندر عزت ۽ احترام سان مڃيو ويو. آرسيسز جي بادشاهي سلسلي جون ٻ ننڍيون شاخون، صوبي جي ڪاهل حڪمرانن طرفان مونجهاري جو شڪار ٿي ويون. هڪ ٽئين پي، جيڪو وقتي ضرورت جي پيٽ ۾ فارس جي قديمي شان شوڪت جو زياده طلبگار هو، پنهنجن بيشمار غلامن سميت آرمينيا جي بادشاهہ ڏي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪو سندن عزيز پٽ هو: پر پاڇوڪڙن جي ٽورڙي تعداد کي فاتح [6] جي ڪمال جي خبرداريءَ ذريعي رستي تي روڪي ڪين ختم ڪيو ويو: بادشاهہ کي ٻٽو حڪومتي اختيار اڳ ۾ ئي حاصل هو پر هاڻي هن شهنشاهہ جو لقب (بادشاهن جو بادشاهہ) اختيار ڪيو جيڪو سندس اڳئين جانشين بہ حاصل ڪيو هو. پر هي وڏا ۽ شاندار خطاب، فارس وارن کي خوش ڪرڻ جي بجاءِ، هن سمجهيو تہ سندس پنهنجي سڃائيءَ واري ڏيوٽي ڏيڻ ۽ عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ گويا ڪيس تنبيهہ ڪري رهيا هيا ۽ اڳئين شان شوڪت کي واپس ورائڻ، مذهب جي نيڪين کي موٽائڻ ۽ سائرس جي بادشاهت کي قائم ڪرڻ جي جذبن جي باهہ سندس دل ۾ ڀڙڪائي رهيا هيا.

1. فارس (ايران) جيئن تہ گهٽو وقت مٿيدونيا ۽ پارٿينس جي غلاميءَ هيٺ رهيو هو تہ يورپ ۽ ايشيا جي قومن هڪ ٻئي جي وهمن، وسوسن ۽ ريتُن رسمن کي اختيار بہ ڪيو هو تہ اُنهن کي بگاڙي بہ ڇڏيو هو. آرسئسائيڊ

جو مذهبي طبقو ماگي (Magi) جي پُوڄا ڪندو هو (يعني اوپر جا ٽي دانا، حضرت عيسيٰ (ع - س) کي سندس بالڪپڻ ۾ تحفا ڏيندا هٿا) پر ان عبادت جي هو تڏهن جڏهن ان کي ٻين سان ۽ خاص طرح باهرين ملڪن جي بُت پرستيءَ سان ملائيندا هيا. زرتشت (Zoroaster) جي ياد، جيڪو فارس وارن جو قديمي فيلسوف ۽ پيغمبر هو، [7] کي مشرق ۾ اڃا تائين عظمت حاصل هئي؛ پر ترڪ ڪيل ۽ عجيب و غريب هولي جنهن ۾ زينداويستا (ZendaVesta) کي لکيو ويو هو، [8] ستَر مذهبي فرقن ۾ مُونجهارا ۽ فسادَ برپا ڪري ڇڏيا جيڪي پنهنجي پنهنجي ۽ جدا جدا طريقن سان مذهب جي بنيادي نقطن جي تشريح ۽ تعبير ۾ لڳي ويا جنهن لامذهب ماڻهن کي موقعو ڏنو تہ هو ماڻهن کي گمراهہ ڪن ۽ پيغمبر جي معجزن تورِّي سندس الهامي پيغام کي رَد ڪن. بُت پرستن کي دٻائڻ لاءِ، مذهبي فرقن کي ٻيهر پاڻ ۾ ملائڻ ۽ متحد ڪرڻ لاءِ ۽ جيڪي هر مذهب ۽ نيڪيءَ جا منڪر هٿا اُنهن کي تورِّي ماگي جي پوڄيندڙن کي سندس حڪومت جي هر هنڌ تان اردشير هڪ وڏي اجلاس ۾ گڏ ڪيو. پادرين، جن سڀني اهڙن موقعن کي ڪا اَهميت نہ ڏني هئي پر اُتلو نفرت ڪئي هئي، هِن خلوص واري سڏَ کي مان ڏيندي، مقرر ٿيل ڏينهن تي اجلاس ۾ شريڪ ٿيا ۽ سندن تعداد اسي هزارن تائين هو. پر جيئن تہ هڪ اهڙي اسيمبلي جنهن ۾ گوڙ شور ۽ هُل هنگامو وڌيڪ هجي ۽ عقلمندي يا دليلن سان ڀرپور بحث مباحثن جي ڪا اهميت نہ هجي يا وري ڪنهن پاليسيءَ هيٺ اهڙو روَيو اختيار ڪيو ويو هجي تہ اهڙي صورتحال ۾ فارس وارن جي اجلاس ۾ ماڻهن جو تعداد گهٽجي چاليهن هزارن تائين پهچي ويو. پوءِ چئن هزارن تائين، چئن سوَن تائين، چاليهن تائين ۽ آخر فقط ستَ ماگي وڃي بچيا جيڪي معزز ترين، پڙهيل لکيل عالم ۽ نيڪ مرد هيا. هنن مان هڪڙو ايرداويرف هو جيڪو نوجوان پر هڪ پارسا پادري هو. هُن پنهنجن ساٿين جي هٿن مان ٽي پيالا نند ڏيارينڊ شراب جا ورتا. جيئن ئي هن ٽيئي پيالا پيتا تہ فورن ڪيس نند وکوڙي ويئي ۽ هو گهٽي دير تائين سمهيو رهيو. جنهن وقت هو نند مان جاڳيو تہ هن بادشاهہ تورِّي ٻين بيشمار ماڻهن کي، جن مٿس اعتبار ٿي ڪيو، پنهنجي بهشت جي سير بابت ٻڌايو ۽ رب العزت سان سندس ملاقاتن جو بہ ذڪر ڪيو. هڪ الهامي گواهي اڳيان ڪنهن بہ شڪ ڪرڻ يا گمان ۾ رهڻ جي گنجائش ڪانہ هئي ۽ زرتشت پيغمبر بابت عقيدي ۽ ايمان جي ڳالهين کي تقويت ۽ يقيني هٿ جي سندَ ملي وئي. [9] ان ڪامياب سرشتي جو هڪ مختصر خاڪو ڪافي فائديمند ثابت ٿيندو جيڪو نہ فقط فارس جي قوم جي ڪردار بابت وضاحت پيش ڪندو پر روم جي بادشاهت سان سندن رشتن ۽ وٺ واپار بابت معاهدن جي باري ۾ بہ تفصيلي نقطا ان ۾ بيان ڪيل هوندا. [10]

سرشتي يا نِظام جي بنيادي ڳالهہ: ٻن واضح اصولن جي مڃيل بُنيادي نقطن جي هئي: هڪَ، مشرق جي فلسفي جي جرئت واري پر غير منصفانہ ڪوشش هئي تہ اخلاقي ۽ فطري يا طبعي بُرائيءَ جي وجود ڪي رهر ڪندڙ ۽ باجهاري خالق ۽ سڄي دنيا جي حاڪر جي عظمتن ۽ نشانين سان وابستہ ڪجي. پهريون ۽ اصل وجود، جنهن ۾ ۽ جنهن وٽان هيءَ ڪائنات ڦاٿر آهي، زرتشت نبيءَ جي تحريرن ۾ واضح لکيل آهي، " لامحدود وقت؛ " پر اها ڳالهہ ضرور مڃڻ گهرجي تہ وجوديت جو هي لامحدود حقيقي حصو يا جوهر جنهن تہ ذهني، خيالي ۽ مابعدالطبيعاتي (Metaphysical) زياده تر لڳي بجاءِ ان جي جو هڪ حقيقي جوهر هجي جنهن ۾ پنهنجي ڄاڻ ۽ سڃاڻپ هجي ۽ اخلاق عظمتن سان ڀرپور ۽ سرشار هجي. يا تہ اڪيون هوتي يا وري لامحدود وقتَ جو وڏي ذهانت سان تجزيو ڪيو ويو آهي

جيڪو يونانين جي اهڙي ئي قسر جي مونجهاري ۽ ڏهني مشڪلاتن سان تمام گهٽي هڪ جهڙائي تو رکي: ۽ ضمني پر ڪائنات جا تمام اهم اصولَ لازواليت يا ابديت منجهان نڪتل هيا، آرمُزد (Ormuzd) (جيڪو اُهورا مزدا جو ٻالو آهي) ۽ احرمن (Ahriman) هر هڪ ۾ تخليقي قوتون رکيل هيون، پر هر هڪ پنهنجي مرضي ۽ پنهنجي طبيعت مطابق اُنهن قوتن کي پنهنجي ترتيب، تجويز ۽ ضرورتن پٽاندر استعمال ڪيو. سڀائي يا چڱائيءَ جو اصول دائمي طرح روشنيءَ ۾ جذب ٿي وڃي تو جڏهن ته بدي يا برائيءَ جو اصول دائمي طرح انڌاري ۾ دفن ٿي وڃي تو. آرمزد جي دانشمندي واري ڪرم نوازيءَ، انسان کي اخلاق وارو بنايو ۽ سندس رهڻ لاءِ ڪيس مناسب ۽ موزون گهر يا جُهڳو عطا ڪيائين ۽ ان ۾ خوشين ۽ آسائشن جو سامان به مهيا ڪيائين. سندس ٿي ناهيل دانشمنديءَ جي فطرت جي نظام هيٺ، سيارن جي گردش، موسمن جي تبديلين جو نظام ۽ مختلف ترڪيبي عنصرن جو پاڻ ۾ ملڻ ۽ اُنهن جو موافق ۽ پورو ٻُنو رهڻ اچي وڃن ٿا. پر احرمن جي ڪدورت گهٽي وقت کان وٺي آرمُزد جي اندر ۾ وڃي ڪٽي ويٺي آهي يا ٻين لفظن ۾ سندس ڪمن جي سهڻائي ۽ خوش اصلوبيءَ کي روڪيو ۽ اُنهن کي متاثر ڪيو آهي. اُن موتمار ڦاٽَ کائڻ کانپوءِ، چڱائي ۽ برائيءَ جا باريڪ ۽ تمام ننڍڙا جُزا به هڪ ٻئي جي تمام ويجهو اچي پاڻ ۾ ملي ويا آهن ۽ هڪ ٻئي سان انڪري تضاد ۽ تصادم ۾ به رهن ٿا، نتيجي ۾ تمام سهڻن ۽ صحت مند ٻوٽن ۾ به تيز زهرَ ظاهر ٿي پيا آهن: ٻوڙون، زلزلا ۽ باهيون لڳڻ، اهي سڀئي ڳالهيون "ازلي فطرت" جي تضادن جي شاهدي ڏين ٿيون ۽ انسان جي ننڍڙي دنيا براين ۽ مصيبتن سبب لُڏي ۽ ڏهي پوي ٿي. جڏهن ته پوري انسانذات، پنهنجي خبيث ۽ دوزخي دشمن جي چنبي ۾ قيد ٿيل آهي، اهڙي وقت فقط فارس جو وفادار ماڻهو پنهنجي دوست ۽ محافظ آرمزد جي مذهبي پوڄا پاٺ ۾ مصروف آهي ۽ سندس روشن ڪيل جهنڊي هيٺان وڙهي رهيو آهي ۽ ان کي پورو يقين آهي ته آزمزد آخري ڏينهَن تي ضرور، شان شوڪت، خوشين ۽ سوين ۾ ساڻن گڏ ۽ سندن ساڻي هوندو. ان فيصلي واري گهڙيءَ ۾ نيڪيءَ جي روشن ڏاهپَ، آزمزد جي طاقت کي شڪتي ۽ زور وڌائيندي ۽ هو پنهنجي ڪيني ۽ ڪدورتن سان پريل خطرناڪ دشمن کي ماري مات ڪندو. احرمن ۽ ان جا پوئلڳ، جيڪي بنا هٿيارن جي هيٺا ۽ ڪمزور هوندا، انڌاري جي غار ۾ غرق ٿي ويندا ۽ هر جڳهه تي نيڪي ۽ چڱائيءَ جو راج هوندو ۽ اهڙيءَ طرح سڄي ڪائنات ۾ هر ڪو امن امان ۽ سڪون جو ساهه کڻي سگهندو. [11]

زرتشت جي ديني تعليم کي نه رڳو باهرين ماڻهن منفي انداز ۾ پيش ڪيو آهي پر سندس پنهنجن ڪيترن ئي پوئلڳن به ان کي غلط سمجهيو اهي، پر ڪيترا بي سمجهه مشاهدو ڪندڙ وري فارسين جي عبادت جي سادگي جي فلسفي ۾ اٽڪي ۽ مُنجهي پيا. هيروڊوٽس [12] چوي ٿو: " ماڻهو مندرن، قربان گاهن ۽ بُتن جي استعمال ۽ ان کي سهڪجهه سمجهڻ کي رد ڪري ٿو ۽ اُنهن قومن جي ڪردار تي ٺٺوليون ٿو ڪري جيڪي سمجهن ٿا ته ديوتا، انساني فطرت منجهان اُپرن ٿا يا اُن سان اُنهن جي ڪا مشابهت ڏئي ٿي، اوچائي وارن جبلن جون چوٽيون، اهڙيون جڳهون آهن جتي قربانيون ڪيون وڃن ٿيون، حمد و ثنا، دعائون ۽ التجائون خاص عبادتون آهن: جيڪي سڀني کان وڏي ۽ عظيم ترين ربّ جي حضور اربيون ۽ آڇيون وڃن ٿيون جيڪو بهشت جي تمام وڏي ۽ وسيع خال کي پري ٿو." ان هوندي به ساڳي وقت تي، گهٽن خدائن کي مڃڻ واري انداز ۾ هو اُنهن تي الزام تو لڳائي ته هُو ڏرتي، پاڻي، باهِ، هوائن، سج

۽ چند کي پوڄين ٿا. پر هر دؤر جي فارسين ان الزام کي رد ڪيو آهي ۽ پنهنجي مشڪوڪ پر معنيٰ خيز ڪردار جي وضاحت پڻي ڪئي آهي ته جيئن سندن راءِ کي وزن ملي سگهي. اُهي عنصر ۽ خاص طرح باهه، روشني ۽ سچ جنهن کي هو مثرا (Mithra) چوندا هئا، سندن مذهبي عبادت لائق هئا ڇو ته هو اُنهن کي خدائي طاقت ۽ عظمت ۽ نيڪ فطرت جون اصلي ۽ سچيون نشانيون، باوقار تخليقون ۽ رب سان ويجهائيءَ جا اثرائتا ذريعا سمجهندا هئا. [13]

مذهب جي هر طريقي ۾، ماڻهن جي دل ۽ دماغ تي دائمي ۽ پڪي پختي اثر وجهڻ لاءِ، انسان جي فرمانبرداري ۽ عقيدت جي عملي مظاهري جي سخت ضرورت هوندي آهي، جنهن لاءِ انسانکي ڪو سبب يا دليل هرگز نه ڏيڻ گهرجي ۽ انسانکي پنهنجي دل جي امنگن ۽ جذبن سان مطابقت رکندڙ اخلاقي ذميواريون پوريون ڪري پنهنجي مانَ ۽ مرتبي کي مٿاهون ڪرڻ جي ضرورت آهي. زرتشت جي مذهب ۾ مٿي بيان ڪيل پهرين خصوصيت ڪافي حد تائين موجود هئي ۽ پوئين به گهٽي ياگي ان ۾ هئي. بالغ ٿيڻ جي عمر ۾ پهچڻ کانپوءِ، فارس جي سڏي سادي ماڻهوءَ کي هڪ پراسرار پَٽو يا سندرو (Girdle) عطا ڪيو ويو جنهن کي هو قدرتي حفاظت جي علامت سمجهندو هو، ۽ ان وقت کان وٺي سندس زندگيءَ جا مختلف ۽ تمام ضروري ڪمَ پاڪائيءَ سان شروع ٿيندا هئا جيئن سندن عبادتون جيڪي بلڪل نِياريون هوندیون هيون، جنهن ۾ کانئن اوچتو دانهَن به نڪري ويندي هئي ۽ ڏگهي دير تائين جُهڪندا يا رکوع ۾ بيهندا هئا ۽ هي پاڪايون يا عبادتون جيڪڏهن کانئن گُسي ويندیون هيون ته ان کي وڏو گناهه سمجهندا هئا جيڪو اخلاقي ضابطن جي انحرافي ڪرڻ جي ڏوهه کان گهٽ نه هوندو هو. اخلاقي ذميداريون جيئن انصاف، رحم، فراخ دلي وغيره اُهي وصفون هيون جن کي اختيار ڪرڻ جو تاڪيد زرتشت طرفان لاڳو ڪيل اخلاقي نظر ۽ ضبط مطابق هو، جنهن احرمن طرفان تڪليفون ۽ اذيتون ڏيڻ کان بچڻ ۽ آرمزد سان رحمتن واري ابدي زندگيءَ ۾ هميشه لاءِ گڏ رهڻ يا جذب ٿيڻ چاهيو ٿي جتي خوشي ۽ روحاني سکون اوترائي مٿاهان هوندا جيترا اخلاق ۽ نيڪيون هن ظاهري زندگيءَ ۾ هئا. [14]

پر ڪيترائي اهڙا مثال موجود آهن جن ۾ زرتشت پنهنجي پيغمبريءَ کان ڪجهه وقت پاسيرو ٿي، هڪ قانون ساز جو روپ اختيار ٿو ڪري ۽ ماڻهن جي ذاتي توڙي عام خوشين کي عام ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو ۽ وڏي فراخ دليءَ جو مظاهرو ٿو ڪري جيڪو وهمن ۽ وسوسن ۾ اعتبار ڪندڙ ذلت آميز روَيو رکندڙن يا سندن مفڪرن ۾ مشڪل سان ملي ٿو. روزا رکڻ ۽ سَتو جَتو رهڻ يا جنسي لاڳاپن کان بلڪل پري رهڻ، جنکي خدا تعاليٰ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جو هڪ اهم ذريعو سمجهيو ويندو هو، زرتشت اهڙن ڳالهين کان نفرت ڪندي انکي نِندي ٿو ۽ ان عمل کي الله تعاليٰ طرفان عطا ڪيل بهترين نعمتن جو مجرمانه انڪار ڪوٺي ٿو. ماگيَن جي مذهب ۾ هڪ پارسا يا نيڪ مرد کي به هدايت ڪيل آهي ته هو ٻارَ پيدا ڪري، انسان جي فائدي وارا وڻَ پوکي، صحت کي چيهو رسائيندڙ جانورن کي ختم ڪري، فارس جي خشڪ ۽ غيرآباد زمينن تائين پاڻي پهچائي ۽ زراعت کي عام ڪرڻ جي محنتن ذريعي پنهنجي نجات ۽ چوٽڪارو حاصل ڪري. انسان زيندا ويستا مان هڪ ڏاهپَ ۽ مهرباني ۽ واري اصول جو حوالو هتي پيش ڪريون ٿا جيڪو ڪيترين ئي نادانين ۽ حماقتن جو ازالو ٿو ڪري: " جيڪو احتياط ۽ خلوص واري محنت سان زمين ٺاهي، هموار ڪري ان ۾ بيج پوکي ٿو ته اُهو مذهبي لحاظ کان اُن جي مقابلي ۾ وڌيڪ عزت ۽ احترام حاصل ڪري

تو جيڪو پنهنجي عبادت کي ڏهه هزار ڀيرا ب ڏهرائي تو." [15] هر سال بهار جي موسر ۾ هڪ جشن ملهايو ويندو هو جنهن جو مقصد انسانذات جي اوائلي برابري جي ريتن رسمن ۽ موجوده ضرورتن جي باري ۾ ماڻهن جو هڪ ٻئي سان ميلو ڪرايو ويندو هو. فارس جا وڏا ۽ نامياراا بادشاهه ب اجائي آکڙ ۽ وڏائيءَ کي ترڪ ڪندي، عوام جي ننڍين غريبن، مسڪينن ۽ ڪمّ جي ماڻهن سان ملڻ ۽ اُنهن جي مرحبا ڪرڻ ۾ پنهنجي عظمت سمجهندا هئا. اُن ڏينهن تي هاري ناري، ڪمّي ڪاراوا، سواءِ ڪنهن فرق جي، بادشاهه سان گڏجي ويهندا هئا ۽ ساڻس گڏجي ماني کائيندا هئا. بادشاهه اُنهن جا عرض ٻڌندو ۽ مڃيندو هو. سندن شڪايتون غور سان ٻڌندو ۽ ورنائيندو هو ۽ ساڻن بلڪل هڪ جهڙو ٿي گفتگو ڪندو هو.

" اوهانجي محنت منجهان" هو اڪثر ائين کين مخاطب ٿيندو هو (۽ هو جيڪو ڪجهه چوندو هو ته جيڪڏهن ان ۾ خلوص نه ٿي سهي ته سچائي ضرور هوندي هئي) " اوهانجي محنت منجهان اسان کائون ٿا ۽ اسان جي خبرداريءَ ۽ چوڪس رهڻ مان اوهان آرام ۽ سکون ۾ آهيو ۽ انڪري ٿي اسان ٻئي ڏريون هڪ ٻئي جي ضرورت آهيون، ته اچو ته پائرن وانگر ايڪي ۽ پيار سان پاڻ ۾ گڏجي رهون ۽ هڪ ٻئي سان تعاون ڪريون." [16] اهڙي قسر جو جشن، هڪ دولتمند ۽ آمريت واري بادشاهت ۾ ڪڏهڪو ٻڪڙي ۽ ختر ٿي وڃي ها يا وري ڊرامائي يا ٿيٽر جي صورت ۾ رهجي وڃي ها، پر اهو کل پوڳ وارو ميلو بادشاهه جي موجودگيءَ جي لائق هو جنهن نوجوان شهزادي جي دل تي ب سُٺا ۽ صحتمند نقش ڇڏيا هوندا.

جيڪڏهن زرتشت پنهنجي سيني ادارن ۾ هن قسر جي عظمت واري ڪردار کي عام ڪري ها ته سندس نالو ۽ جڳهه نوما ۽ ڪنفيوشس (Numa and Confucius) سان برابري ڪري ها ۽ سندس نظام ب ماڻهن طرفان گهٽي داد ۽ تحسين ونڻ جو جائز حقدار ٿئي ها جيڪو اڳ ۾ ٿي ڪجهه درويشن ۽ ڪجهه فيلسوفن طرفان سندس حصي ۾ آيو آهي. پر هڪ رنگ برنگي نظام ۾ جنهن کي دليلن، جذبن، جوش ۽ خود مطلبيءَ جي روَش جي پنيرائي رهي هجي ته اُتي وڏيون سڃايون ۽ فائدي وارا گڻ ب خطرناڪ وهمن هٿان بيعزتي جو شڪار رهيا آهن. ماگي يا پادريءَ جا ادارا وڏي تمام گهٽا ٿي ويا هئا، جيئن اسان اڳ ۾ ب ڏٺو آهي. ته اُنهن مان آسي هزارن کي ته هڪ اجلاس ۾ سڏرايو ويو هو. اُنهن جا ماڻهو روز بروز وڌندا رهيا پر اُنهن ۾ نظر ۽ ضبط جون خاصيتون موجود هيون. فارس ۾ هر هنڌ اُنهن جا ننڍا توڙي وڏي عهدي وارا ماڻهو پکڙيل هيا ۽ آرچيمئگس (Archimagus) جيڪو بلخ ۾ رهندو هو، سندس هر ڪو ماڻهو عزت ڪندو هو ڇو ته ڪيس ٿي ڪليسا جو سرپرست ۽ زرتشت جو قانوني جانشين سمجهيو ويندو هو. [17] ماگي جي ملڪيت ڪافي گهٽي هئي. ميديا [18] ۾ نهايت ٿي زرخيز زمين جي وڏي ايراضي جي مالڪ هئڻ کانسواءِ کين ٽئڪس مان ب ڪافي بچت ٿيندي هئي، جيڪا هو فارس وارن [19] جي صنعتن ۽ ٻي آمدنيءَ مان اوڳاڙيندا هئا. "توڙي جو اوهان جا سڀ ڪمّ،" پيغمبر دلچسپي وٺندي کين چئي تو، " وٽن جي پنن، برسات جي ٻُوندن، جنت جي تارَن يا سمنڊ جي ڪناري جي واريءَ جي ذرن کان ب تعداد ۾ گهٽا هجن، اُهي سڀ توهان لاءِ تيستائين فائديمند نه ٿيندا جيستائين "دستور" يا پادري اُنهن کي قبوليت جو شرف نه بخشي: نجات يا چوٽڪاري واري هن رهبريءَ جي روح حاصل ڪرڻ لاءِ، جيڪو ڪجهه اوهان وٽ آهي: مال ملڪيت، زمين ۽ اوهان جي دولت ته ان جو ڏهون حصو پنهنجي

رضا خوشي ۽ بغير کجھ سوچئي، سمجھئي کيس ڏئي ڇڏيو. جيڪڏھن اوھان جي ڏٺي مان دستور مطمئن ٿي ويو تہ اوھان دوزخ جي باھ جي عذاب کان بچي ويندا: ھن دنيا ۾ اوھان جي واکاڻ ٿيندي ۽ ٻي دنيا ۾ اوھان کي اڻ ٿيون خوشيون ملنديون: ڇاکاڻ تہ دسترن کي مذھب جو استاد مڃيو ويو آھي، کين ھر ڳالھہ جي سُڌِ ۽ ھر راز جي آگاھي آھي ۽ اُھي ئي سيني ماڻھن کي نجات ڏيارڻ جا ضامن آھن." [20]

احترام ۽ پختي عقيدي جا ھي آسان اصولَ. نوجوانن جي ذھن ذھنن ۽ دلين تي، بلا شڪ ۽ گمانَ جي، نقش ٿي ويا ڇو تہ ماگي، فارس ۾ تعليم جا ماھر ھٿا ۽ اڪثر ٻار وڏن امير گھراڻن سميت کين ٿي سپرد ڪيا ويندا ھيا. [21] فارس جا پادري جيڪي اندازن تي گھٽو پاڙيندڙ ھٿا، مشرق جي فلسفي بابت گھڻن ٿي رازن جي چند ڇاڻ ڪرڻ ڪانپوءِ اُنھن کي پاڻ وٽ محفوظ ۾ ڪري ڇڪا ھيا ۽ پنھنجي وسيع معلومات يا زبردست فنڪاريءَ جي صلاحيتن سبب ھو مخفي علمن ۾ مھارت رکڻ جي ڪري ڏاڏا مشھور ٿي ويا ھيا ۽ وڏي ڳالھہ وري اِھا تہ اُنھن سيني ڳجھن رازن ۽ مخفي علمن کي اھڙا لقب ماگي طرفان مليل ھيا يا ھين لفظن ۾ ماگي ٿي اھڙن راز داريءَ وارين حڪايتن جو مرڪز ھو. [22] ٻيا جيڪي ڏُنياوي يا توانا مزاج جا ماڻھو ھٿا اُھي ھين دنيا جي ماڻھن سان گھرن ۾ توڙي شھرن ۾ ملندا رھندا ھٿا ۽ اھو مشاھدو ڪيو ويو آھي تہ اردشير جي حڪومت جي نظام کي گھٽو ڪري پادرين جا صلاحڪار ھلائيندا ھٿا جن جي مرتبي کي، ھن شھزادي، پاليسيءَ يا عقيدت جي لحاظ کان، مٿاھون ڪري قديمي شان شوڪت جي درجي تائين پھچائي ڇڏيو ھو. [23]

ماگي جو پھريون صلاحڪار، سندن مذھب جي غير دوستانہ خميرَ مان ٺھيو ھو انڪري کين قبول ھو. ھو قديمي بادشاھن جي ڪارنامن [25] توڙي سندن قانون دان جي مثال سان ملندڙ جلندڙ ھو ۽ مذھبي جنگ ۾ سندس ٿي جوش جذبن سبب لڳي ڇو تہ منجھس برداشت يا ڏيرج جو رتيءَ ماتر حصو ۾ نہ ھيو. [26] اردشير جي ھڪ حڪم موجب، زرتشت واري عبادت کانسواءِ ٻي ھر قسر جي بندگي ڪرڻ جي سختيءَ سان منع ڪئي وئي ھئي. پارٿينس جا مندر ۽ اُنھن بادشاھن جي بُتن کي، جن جي پوڄا ڪئي ويندي ھئي، حقارت مان ھيٺ اُڇلايو ويو. [27] ارسطو جي ترار (اوپر وارن ظرفان يونانين جي فلسفي ۽ گھڻن خدائن جي عبادت کي اھو نالو ڏنو ويو ھو) کي جلد ٽوڙيو ويو: [28] تکليفن ۽ اذيتن جا شُعلا ھٿيلن يھودين ۽ عيسائين [29] تائين ۾ پھچي ويا ۽ ھنن پنھنجي ٿي قوم ۽ مذھب جي منڪرن کي ۾ تکليفون پھچايون. آرمزد، جيڪو پنھنجن مخالفن سان حسد ڪندو ھو، جي شان مان کي اردشير جي طاقت جي پٽيرائي حاصل ھئي جيڪو پنھنجي وسيع بادشاھت ۾ ڪنھن ۾ تفرقي باز يا فسادي ماڻھوءَ کي برداشت نہ ڪري سگھندو ھو ۽ انھن جو تعداد گھٽجي فقط اسي ھزار تائين ٿي ويو ھو. [30] ماڻھن کي ڏکن سُورن ۾ مبتلا ڪرڻ جي سلسلي زرتشت جي مذھب کي بيحرمتو ڪري ڇڏيو ھو: پر جيئن تہ ان ذريعي کو شھري ھُل ھنگامو برپا ڪونہ ٿيو ھو، ان اٽلو نئين بادشاھت کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ھو جو فارس جا سيئي رھواسي مذھبي جذبي ھيٺ پاڻ ۾ متحد ٿي ھڪ ٿي ويا ھيا.

II. اردشير پنھنجي بھادري ۽ ڪردار جي ڪري، پارٿيا جي قديمي شاھي خاندان کان حڪمراني کسي پاڻ اوپر جو حاڪر ٻڌيو ھو. پر ايڏا مشڪل مرحلو پوئتي رھيل ھو تہ سڄي فارس جي ڏيگھہ ۽ ويڪر ۾ ھڪ جھڙي ۽

مضبوط نظام کي لاڳو ڪرڻ جي ضرورت هئي. آرسيسائيڊس جي ڪمزور مهربانين ذريعي، سندس پُٽن ۽ پائرن کي، موروثي ملڪيت طور مڪمل صوبا ۽ بادشاهت جا وڏا رتبا ڏنا ويا هيا. وِٽا ڪسي يا ارڙهن تمام طاقتور صوبائي گورنرن کي شاهي لقب اختيار ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي هئي ۽ بادشاهت جي اڃائي فخر ۽ آڪڙ لاءِ اها سڪٿي خرشي ۽ اطمينان ڪافي هو ته هو ڪيترن ئي نوڪرن جهڙن بادشاهن تي حڪومت ڪندو هو. جبلن جا رهاڪو بربرَ يا مئين ايشيا [31] جا يوناني شهر پنهنجن گهرن ۽ چوڌيواري جي اندر به نه ته ڪنهن کي مجيندا هٿا نه وري ڪنهن جي برتريءَ آڏو فرمانبرداري ڪندا هٿا ۽ پارٿينس جي بادشاهت ٻين نالن سان وڏيرڪي يا اميراڻي راج [32] جي خوشگوار تصور کي برقرار رکيو جيڪو هن وقت تائين يورپ ۾ قائم آهي. پر چُست ۽ توانا طبيعت واري فاتح، پنهنجي نظر ۽ ضبط رکندڙ فوج جي سربراهي ڪندي، فارس جي هر صوبي جو دؤرو ڪيو. بيحد طاقتور فسادين جي شڪست ۽ تمام مضبوط قلعن [33] کي ڪيرائڻ ۽ اُنهن تي سوپ ماٽڻ، سندس طاقت جي هراس کي هر طرف ڦهلائي ڇڏيو ۽ سندس اختيارن جي مجتا لاءِ هر پر امن رستو هموار ٿي ويو. هن صورتحال ۾ ڪو سندس رستو روڪي ها نه اهو قدم سندن سرواٽن لاءِ موتمار ثابت ٿئي ها پر اُنهن جي پوئلڳن سان نرميءَ جو ورتاءُ ڪيو ويو. [34] جن ماٽهن رضا خوشيءَ سان سندس آڏو آڻڻ مجي نه اُنهن کي اعزازن ۽ انعامن سان نوازيو ويو. پر دوراندیش اردشير بادشاهه جو لقب اختيار ڪندي پنهنجي پاڻ کانسواءِ ٻي ڪنهن کي به تڪليف نه ڏني ۽ بادشاهه ۽ ماٽهن جي وچ ۾ ٻي ڪنهن به وچ واري تعلق کي هميشه لاءِ ختر ڪري ڇڏيو. سندس بادشاهت ذري گهٽ هاٿوڪي فارس جيتري وسيع ۽ ڪشادي هئي جيڪا هر طرف ڪان سمنڊ، وڏين ندين، جيئن فرات، دجلہ، اريڪسِس، اوڪسَس ۽ سِنڌو، ڪئسپين سمنڊ ۽ فارس جي نارَ [35] سان وکوڙيل هئي. پوئين صديءَ ۾ ان ملڪ بابت لڳايل حساب موجب ان ۾ پنج سؤ چووَنجاهه شهر هيا، سٺ هزار ڳوٺ چاليهه مِلين يا چار ڪروڙ ماٽهو هيا. [36] جيڪڏهن اسان ساسان ۽ سيسِي جي حڪومتي سلسلن جي انتظام جي پيٽ ڪريون ۽ اسلام جي مذهب جي سياسي اثر جو به مشاهدو ڪريون ته اسانکي خبر پوندي ته اردشير جي بادشاهت ۾ به ذري گهٽ اوترا شهَر، ڳوٺ ۽ رهواسي هٿا. پر ساڳي وقت اسان کي اهو به مڃڻ گهرجي ته هر دؤر ۾ سامونڊي ڪنارن تي بندرن جي ڪمي رهي آهي ۽ وري ٻهراڙين ۾ تازي ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جي ڪوٽ رهي آهي، جنهن ڪري فارس جي زراعت ۽ وٽج واپار جو وهنوار ڪافي متاثر رهيو آهي، جنهن ڪري هنن پنهنجن ماٽهن جي تعداد جي ڳڻپ ڪرڻ ۾، نامناسب ۽ اٽوَٽندڙ پر گهٽي ۽ عام چالبازيءَ جو طريقو اختيار ڪيو هوندو جيڪو ڪيترن ملڪن جي قومي هلڪڙائيءَ جو طريقو رهيو آهي.

جيئن ئي اردشير پنهنجن هيٺن ۽ ڪمزور مخالفن تي آسان سوپَ حاصل ڪري ورتي ته هن پنهنجي پاڙيسري ملڪن کي ڏمڪيون ڏيڻ شروع ڪيون، جن سندس پهريَن جانشينن جي ڊگهي نِندَ واري زماني ۾، ڪنهن به خوف خطريَ کان بغير فارس جي خوب بيعزتي ڪئي هئي. هن جهنگلي اسڪيٿينس تي آسانيءَ سان سوپ حاصل ڪري ورتي، زائفن جهڙن ڪمزور هندستانين کي به ماري مجايائون پر رومي اهڙا دشمن هيا جن طرفان فارس کي ماضيءَ ۾ زخر رسيا هيا ۽ سندن موجوده طاقت کي ڏسندي، اُنهن کي مات ڏيڻ لاءِ وڏين کوششن ۽ فوجين جي وڏي تعداد جي ضرورت هئي. ٽراجن جي فتحن کانپوءِ، چاليهن سالن تائين اَمن ۽ سکون جو دؤر رهيو هو جيڪو جرئت ۽ اعتدال

پسنديءَ جو ڪارنامو هو. ان دؤر يا وقفي جي اندر جيڪو مارڪَس جي تخت تي ويهڻ ڪان سڪندر جي حڪومت جي دؤر تائين گذريو تہ ان وقت روم ۾ پارٽينس جي بادشاهتن جي وچ ۾ ٻہ دفعا جنگيون لڳيون: ۽ ٽيوڙي جو آرسيسائيڊس جي سڃي طاقت، روم جي ڪجھ حصي سان مقابلي ۾ اٽڪيل هئي پر اهو مقابلو گهٽي ياگي پوئين جي حق ۾ هو. مٿڪرينَس، هڪ غير يقيني صورتحال ۽ پنهنجي بزدليءَ سبب، اسانجن موجوده پٺسن جي حساب سان ٻن مِلين ۾ صلح ۽ امن کي خريد ڪيو: [37] پر مارڪَس جي جنرلن، بادشاهہ سيورَس ۽ سندس پُٽ، آرمينيا، ميسوپوٽيميا ۽ اسيريا ۾ فتح جون ڪيترين ترافيون نمايان جڳهن تي لڳائي ڇڏيون. سندن مهم جُوئيءَ ۾، گهريلو انقلابن جي اهر سلسلي ۾ هڪ نامڪمل تعلق ڏاڍي غلط موقعي تي دخل انداز ٿئي ها، تنهنڪري اسان فقط ٻن شهرن سِلوشيا ۽ سيسيفن تي آيل لڳاتار مصيبتن جو ذڪر ڪنداسين.

سِلوشيا جيڪو دجلہ جي اولهندي ڪناري تي ۽ قديم بابل کان پنجيتاليهہ ميل اتر طرف آهي، مٿين ايشيا ۾ اهو مٿسيڊونيا جي گاديءَ جو شهر هو. [38] سندن بادشاهت جي زوال کان ڪيترائي دؤر پوءِ، سِلوشيا، گريشين ڪالونيءَ جي اصلي سجاڻپ: تخليقي قوتن، فوجي روايت ۽ آزاديءَ لاءِ پيار کي برقرار رکيو. آزاد رياست کي تي سؤ معزز ميمبرن جي سينيٽ ذريعي هلايو ويندو هو ۽ ملڪ جي ماڻهن جو ڪل تعداد ڇَ لک هو: پٽيون مضبوط هيون ۽ جيستائين رياست جي مختلف ماڻهن ۾ ايڪو ۽ محبتون قائم رهيون تہ اُنهن پارٽينس جي طاقت کي نفرت مان ڏني: پر هڪ گروهہ جي نادانيءَ سبب ڳڙيل دشمن کي منت ڪئي وئي تہ هو اُنهن جي مدد لاءِ اڳتي اچي جيڪو ڪالونيءَ جي گيٽ وٽ ويٺل هو. [39] پارٽينس جا بادشاهہ، هندستان جي مغل حڪمرانن جيان پنهنجي اسڪيٽين وڏڻ ۽ بزرگن جي ريڊارن ۽ ڏاڙن واري زندگيءَ بابت ڳالهيون ٻڌي خوش ٿيندا هئا: ۽ بادشاهي ڪئمپ اڪثر ڪري سيسيفن جي ميدان تي قائم ٿيندي هئي جيڪو دجلہ ندي جي اوپر تي ۽ سلوشيا کان فقط ٽن ميلن جي مفاصلي تي هو. [40] عياشي ۽ آمرنت جي خدمت ۾ بيشمار نوڪر چاڪر بادشاهہ جي خدمت ۾ هوندا هيا جنهن ڪري سيسيفن جو ننڍڙو ڳوٺ آهستي آهستي وڏندو وڃي شهر ۾ بدلجي ويو. [41] مارڪس جي حڪومت ۾، رومي جنرل اڳتي وڌندا وڌندا سيسيفن ۽ سلوشيا تائين پهچي ويا هيا، اُنهن کي يوناني ڪالونيءَ طرفان دوست سمجهي گرمجوشيءَ سان مرحبا چيو ويو. اُنهن دشمن جي حيثيت سان پارٽين بادشاهن جي گاديءَ جي هنڌ تي حملو ڪيو: اهڙيءَ طرح ٻنهي شهرن کي ساڳيو تجربو ٿيو ۽ ساڻن ساڳيو ورتاءُ ڪيو ويو. سلوشيا کي باهہ لڳائي ڦريو ۽ تاراج ڪيو ويو، تي لکَ شهر جا رهواسي بيدرديءَ سان قتل ڪيا ويا جنهن سبب روم جي فتح مندي ۽ نالي کي ڏک رسايو ويو. [42] سلوشيا جيڪو اڳي ئي وڏيڪ طاقتور پاڙيسري ملڪ جي دشمنين سبب ساٿو تي چڪو هو، هن موتمار ڏڪَ لڳڻ سبب صفا ختم ٿي ويو: پر سيسيفن، اٽڪل ٽيٽيهن سالن ۾ پنهنجي طاقت ۽ توانائيءَ کي ڪافي حد تائين بحال ڪري چڪو هو ۽ جنهن بادشاهہ سيورس جي خلاف گهيري کي مضبوطيءَ سان قائم رکيو هو. بهرحال شهر تي اوچتو حملو ڪيو ويو: بادشاهہ، جنهن ذاتي طور ان جي حفاظت ٿي ڪئي، ميدان ڇڏي تڙ تڪڙ ۾ پڇي ويو: هڪ لک ماڻهن کي قيدي بنايو ويو ۽ رومي سپاهين کي ڦرلُٽ جو مال ۽ ٻيو خزانو ايترو تہ مليو جو اُنهن جا ڏَڪَ لهي ويا. [43] هيڏي ساري نقصان ۽ بدنصيبيءَ جي باوجود، سيسيفن بابل ۽ سلوشيا جي جانشيني ۾ سنياڻي ورتي ۽ سندس نالو اوپر جي وڏن ۽ نالياورن گاديءَ جي

شهرن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. فارس جو بادشاهه اونهاري ۾، ايڪبٽانا (Ecbatana) ۾ وڃي ميڊيا جي جبلن جي هيئرن ۽ هوائن جي ٺڪار مان لطف اندوز ٿيندو هو: پر وري سياري ۾ هو پنهنجي رهائش سيسيفن ۾ رکندو هو جتان جي معتدل آبهوا کيس پاڻ ڏانهن ڇڪيندي هئي.

هن کامياب پيش قدمين سان رومين کي کو وڏو يا ڊگهي عرصي وارو فائدو نه پهتو: نه وري اُنهن پرانهن پنڌن جي سوين جي حفاظت ڪرڻ جي کوشش ڪئي جو ته هي هنڌ بادشاهت جي صوبن کان، وچ ۾ ايندڙ وڏي بيابان ذريعي ڪٽيل هو: آرهين (Osrhoene) جي بادشاهت جو هڪ اڇڙ ايترو گهٽو شانائتو نه هو پر زبردست فائدي وارو ڪارنامو هو. اها ننڍڙي رياست، ميسوپوٽيميا جو ڪافي زرخيز علائقو ۽ سندس اتريون پاڳو به والاريون ويڙهي هئي جيڪو فرات ۽ دجلہ جي وچ تي هو. سندس گاديءَ جو هنڌ ايڊيسا فرات کان به اڳتي هو ۽ سڪندر جي وقت کان وٺي ان جا رهواسي، گڏيل سڌيل ذاتين ۽ قبيلن، جهڙوڪ يوناني، عرب، شامي ۽ آرمينيائي هئا. [44] آرهين جا ڪمزور حاڪر ويچارا ٻن مخالف بادشاهتن جي وچ تي خطرناڪ صورتحال سان مُنهن ڏئي رهيا هيا، بهرحال سندن دلي لاڙو پارٿينس ڏانهن هو پر روم جي زبردست طاقت ڪانئن احترام وٺڻ جي خواهشمند هوندي هئي ۽ هو مجبوري ۽ بي دليءَ کان سندن تعظيم ڪندا هئا: هن قسر جون ثابتون بعد ۾ لڳل انعامن ۽ تمغن مان به مليون آهن. مارڪس جي دؤر ۾ پارٿينس جي جنگ پوري ٿيڻ ڪانپوءِ، اهو مناسب ۽ دوراندیشيءَ وارو قدم سمجهيو ويو ته سندن مشڪوڪ روَيي باعث ڪانئن ڪا يقيني وفاداري ورتي وڃي. ملڪ جي ڪيترن ئي هنڌن تي قلعا ٺاهيا ويا هئا ۽ رومي فوجين جي چوڪي نسيبس جهڙي مضبوط شهر ۾ لڳائي وئي هئي. ڪموڊس جي موت کان پوءِ جيڪي مشڪلون پيش آيون ته آرهين جي شهزادن غلاميءَ کان چوٽڪاري حاصل ڪرڻ جي کوشش ڪئي پر سيورَس جي سخت پاليسي کين تابعداري ڪرڻ تي مجبور ڪيو [45] ۽ ڪ راڪالاجي دوکيبازي ذريعي سوپ حاصل ڪرڻ آسان ٿي پئي. ايڊيسا جي آخري بادشاهه آبگئرس کي زنجيرن ۾ جڪڙي روم موڪليو ويو. سندن حڪمرانيءَ جي علائقي کي صوبي ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ ان جي گاديءَ جي هنڌ کي ڪالونيءَ جو رتبو ڏنو ويو: ۽ اهڙيءَ طرح رومين، پارٿينس جي بادشاهت جي ڏهڻ کان ڏهه سال اڳ فرات کان ڪجهه اڳتي پنهنجي لاءِ مستقل رهائش جو پڪو انتظام ڪري ڇڏيو. [46]

دوراندیشي ۽ شان شوڪت جي احساسَ، اردشير کي شايد جنگ جوٽڻ لاءِ جواز پيدا ڪيو هو پر اُها ان صورت ۾ جڏهن سندس خيال حفاظت ڪرڻ جو هجي يا وري ڪنهن فائديمند سرحد حاصل ڪرڻ جو مقصد هجي. پر وڏيون اُمنگون رکندڙ فارسي، وڏي ۽ وسيع علائقن تي سويون حاصل ڪرڻ جو خواهشمند هيو ۽ هن پاڻ کي ان قابل سمجهيو هو ته پنهنجين بلند ۽ بالا دعوائن کي، دليل جي هٿيارن ذريعي توڙي طاقت جي توانائيءَ سان، ضرور پورو ڪندو. هن چيو، سائرس ۽ سندس جانشينن سڄو ايشيا پروپونٽس ۽ ايجين سمنڊ تائين پنهنجي تابع ڪري ڇڏيو هو ۽ ڪٽريا ۽ آئونيا جا صوبا جيڪي فارس جي گورنر هيڪ هيا سي به سندن بادشاهت هيڪ اچي ويا هيا، ۽ سڄو مصر، حبش جي سرحدن تائين سندن خود مختياريءَ کي مڃي چڪا هيا. [47] سندن حقن کي تباهه نه ڪرڻ ۾ ڪجهه عرصي لاءِ ڊگهي قبضي سبب التوا ۾ وڌو ويو هو ۽ جيئن ئي فارس جو تاج، جيڪو سندس ڇوڙ ۽ سوين واري بهادريءَ سندس سِرَ جي زينت بنايو هو. کيس پارايو ويو ته هاڻي سندس منصب ۽ مرتبي جي پهرين ذميداري مٽس هيءَ هئي ته هو پنهنجون قديمي

سرحدون ۽ بادشاهت جي اڳئين شان شوڪت ۽ دٻدٻي کي واپس ورائي. عظيم بادشاهه (سڪندر بادشاهه جي سفارتخانن جي تڪبر ۽ فخر جو انداز اهڙو ئي هوندو هو) تنهنڪري رومين کي حڪر ڏنو ته اُنهن صوبن مان هڪدم هليا وڃن جيڪي سندس ابن ڏاڏن جا هئا. ۽ ايشيا جي بادشاهت فارس وارن کي ڏيندي هن اهو به سوچيو ته يورپ ۾ جتي به جنهن جا قبضا آهن اُنهن کي اُتي رهڻ ڏجي ۽ اُنهن سان وڌيڪ چيڙ چاڙ نه ڪجي. اهو اعتماد ۽ اَڻ تر فيصلي جو پيغام سندس چار سؤ قداور ۽ خوبصورت فارسين وجي پهچايو، جن، پنهنجن سهڻن گهوڙن، سينگاريل هٿيارن ۽ عمدين پوشاڪن ذريعي، پنهنجي مالڪ جي دٻدٻي ۽ شان جو پرپور مظاهرو ڪيو.[48] اهڙي سفارتڪاري، ڪنهن ڳالهه هولهه يا سمجهوتي ڪرڻ لاءِ گهٽ پر جنگ جي اعلان واري وڌيڪ ٽي لڳي. ٻنهي سڪندر سيورَس ۽ اردشير، روم ۽ فارس جي فوجين کي تيار رهڻ جو حڪر ڏيندي، فيصلو ڪيو ته هن تمام اهر مقابلي ۾ ٻئي پنهنجي فوجين جي سربراهي پنهنجي سر پاڻ ڪندا.

جيڪڏهن اسان اُن تي پروسو ڪريون جيڪا سيني کان وڌيڪ صحيح ۽ مستند معلومات آهي ته هڪ تقرير جيڪا ايا تائين سلامت آهي ۽ جيڪا بادشاهه سنيٽ جي اندر ڪئي هئي، ته ان مطابق سڪندر سيورَس جي سوچ، اڳي فارس وارن تي فلپ جي پٽ (سڪندر اعظر) طرفان حاصل ڪيل ڪنهن به ڪارنامي کان گهٽ نه هئي. عظيم بادشاهه (اردشير) جي فوج ۾ هڪ لک ويهه هزار گهوڙا هيا جن جا سوار رُڪَ جي زرهن سان ڍڪيل هئا، ست سؤ هاڻي جن جي پٽين تي تيرانداز وينل هئا ۽ ارڙهن سؤ ٽانگي نما گاڏيون هيون جن وٽ ڏاڍا ۽ ٻيا هٿيار هيا. هي مضبوط ۽ جانڻو ميزبان، جنهن جهڙو مثال مشرق جي پوري تاريخ ۾ نٿو ملي ۽ نه وري مشرق جي عشق ۽ محبت[49] جي داستانن ۾ تصوراتي طور به ملي ٿو، هن وڏي جنگ ۾ مات کائي ويو ۽ جنهن ۾ روم جي سڪندر جي، هڪ بهادر سپاهيءَ ۽ ماهر جنرل طور سندس مڃتا ڪئي وئي. عظيم بادشاهه پنهنجي بهادري کان اڳ ۾ ئي پڇي ويو: بيشمار سامان ۽ دولت ۽ ميسوپوٽئميا جي فتح، هن سوچ جا فوري تحفا هيا جيڪي رومين کي مليا، پر ڏيکاءَ ۽ نه ليڻ جهڙي ڳالهه جي رشتي جي حقيقت اها آهي جنهن ۾ بادشاهه جي سڪٽي ڦوندڙ ذريعي فيصلو مڙهيو ويو، ۽ جنهن کي سندس بيحيا ۽ نيچ چاپلوسن ساراهيو ۽ وري تمام پرانهين پنڊ تي وينل بادشاهه جي غلام سينيٽ ڪنهن به تضاد يا اعتراض ڪرڻ کانسواءِ جنهن جي منظوري به ڏئي ڇڏي.[50] بجاءِ ان جي جو اهو اعتراف ڪجي ته سڪندر جي فوجين فارسين خلاف هڪ يادگار سوچ ماڻي هئي، اسان شڪ ڪرڻ ۾ تيزي ڪا ڏيکاريون ته هي سڄو ڏيکاءُ رڳو خيالي ۽ سندس شان کي وڌائڻ لاءِ هو ۽ ساڳي وقت ڪنهن بيعزتي ۽ پيش آيل ذلت کي لڪائڻ لاءِ سڄو ڊوڱ رچايو ويو هو.

ان وقت جي هڪ معتبر تاريخدان، اسانجي شڪن ۽ گمانن جي تصديق ڪندي سڪندر جي ڪردار جي تعريف ڪئي آهي پر سندس خامين بابت به ڪلئي طريقي سان لکيو آهي. هو ان حڪومت عملي جو ذڪر ڪري ٿو جيڪا جنگ وڙهڻ ۽ ان سان لاڳاپيل سلسلن لاءِ جوڙي وئي هئي. رومي فوجين جا ٽي جٿا، فارس تي هڪ ۽ ساڳي وقت تي مختلف طرفن کان حملي ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيا ويا هيا. پر جيڪي تجويزون ٿاهيون ويون هيون ته عمل اُن موجب نه ڪيو ويو ۽ نه وري اُنهن کي اهليت يا ڪاميابيءَ سان حاصل ڪيو ويو. فوجين جو پهريون جٿو، جيئن ئي فرات ۽ دجلہ جي مصنوعي ميلاپ وٽ بابل جي پوسل ۽ ڏهڻ جي ميدانن وٽ پهتو[51] ته دشمن جي فوجين جو وڏو ۽

وڏيڪ تعداد کين هر طرف کان وکوڙي ويو ۽ اُنهن جي تيرن کين پوريءَ طرح تباهه ڪري ڇڏيو. آرمينيا جي بادشاهه [52] خُسرو جي مدد ذريعي، جتي هڪ ڏکئي جابلو ملڪ جي وڏي حصي ۾ فارسين جي گهوڙي سوار فوج بيسود ۽ بيڪار هئي، ٻي نمبر رومي فوج جي دستي کي ميديا جي وچ ۾ داخل ٿيڻ جو رستو ڏنو ويو. هنن بهادر فوجين پر وارن صوبن کي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ اردشير خلاف ڪامياب حملا ڪري کيس سندس اجائي آڪڙ ۽ ڦُوندڙ تي جڙ ڇڏرون تي ڪيائون. پر هن سوپاري فوج جي موٽ واري پاڄَ بيحد نالائقي واري ۽ هنن لاءِ نياڳي ثابت تي. جبلن منجهان ٻيهر گذرندي، رستن جي خرابيءَ سبب ڪيترائي سپاهي مري ويا ۽ ٻيا سياري جي سخت سرديءَ ۾ ڏُکي ڏُکي ختم ٿي ويا. اهو فيصلو ڪيو ويو هو ته جڏهن به وڏا فوجي دستا ٻن مختلف رخن ۽ هنڌن تي فارس جي حدن جي اندر ڪاهي وينداتہ جيڪو خاص اهم دستو، بادشاهه جي پنهنجي ڪمان هيٺ هيو. اُنهن دستن جي حملي ۾ مدد به ڪندو تہ بادشاهت جي مرڪز تي به هڪ ڪاپاري ڏڪ هڻڻ جي ڪوشش ڪندو. پر ناتجربيڪار نوجوان، جيڪو ماءُ جي مشورن تي هلندو هو ۽ هن دفعي شايد پنهنجن خوفن خطرن کان پنهنجي بهادر فوجين کي اڪيلو ڇڏي هليو ويو ۽ پنهنجي يقيني سوپ جو سونهري موقعو به ڪنوائي ڇڏيائين ۽ ميسوپوٽئميا ۾ مايوس تي توڙي تڪليف ڏيندڙ اونهاري ۾ ٽڪجي نِساهو ٻڏجي پنهنجي فوج اٽنٽئڪ وٽي ويو پر اُهي ذري گهٽ ختر تي چڪا هيا ۽ ويتر جيڪا يقيني فتح مان اُتلو کين ناڪامي ۽ نراسائي پلئه پيئي ان احساس کين چني ڇڏيو هو. اردشير جو پنهنجو انداز بلڪل انوکو ۽ مختلف هو. تڪڙو تڪڙو ميديا جي پهاڙن مان لهي فرات جي پوسل واري علاقي ۾ ويو، هن هر جڳهه تي حملي آورن جو مقابلو ڪيو ڇو تہ سندس روبي سان قسمت جو به ساڻ هو تنهنڪري هن جو عزم اٽل رهيو. روم جي تجربيڪار فوجين سان ڪيترن ئي ضِد ۽ مقابلي وارن معرڪن ۾، فارس جي بادشاهه جي فوجين جي همت هارجي چڪي هئي. سندس سوين به سندس طاقت کي ڪمزور ڪيو. سڪندر جي غير موجودگي کين هڪ سونهري موقعو ڏنو هو ۽ وري بادشاهه جي موت جي افواه به وڏو مونجهارو پيدا ڪيو. پر اهي سڀ موقعا سندن هٿان گنوائجي ويا ۽ سندن اُمنگون ۽ ارمان اڄايا ۽ ناڪام رهجي ويا. بجاءِ رومين کي ايشيا جُي ڪنڊَ مان ڌِڪي ٻاهر ڪڍڻ جي، جيئن اردشير اڳ دعويٰ به ڪئي هئي، اهو به هاڻي سندن وَسَ ۾ ڪو نہ هو تہ ميسوپوٽئميا جهڙو ننڍڙو صوبو [53] به رومين کان کسي واپس ورائي سگهن.

اردشير جي حڪومت، جيڪا پارٿينس جي آخري شڪست ڪانپوءِ فقط چوڏهَن سالن تائين هلي، اوپر جي توڙي روم جي تاريخ جو هڪ نهايت ئي يادگار دؤر ليکيو ويندو. سندس ڪردار ۾ بهادري جا گُڻ ۽ حُڪمن ۾ عظمت جا اهڃان نمايان هئا: اهڙيون خاصيتون، اهڙن شهزادن کي ٻين کان منفرد ۽ مٿاهون مرتبو ڏيندين آهن ڇو تہ اُهي فتح ڪندا آهن ۽ نہ اُهي جن کي بادشاهت ورثي ۾ ملندي آهي. فارس جي بادشاهت جي آخري دؤر تائين، سندس ناهيل قانون جا مَتا ۽ اصولَ سندن شهري ۽ مذهبي پاليسين جو بنياد رهيا ۽ جن جو هر طريقي طرفان احترام ڪيو ويندو هو، [54] سندس ڪيترن ئي قولن کي محفوظ ڪيو ويو آهي. اُنهن مان هڪڙو خاص طور تي حڪومت جي آئين بابت ڳوڙهي ۽ گهري سوچ جو مظهر آهي. اردشير چيو: " اختيار جو تحفظ لازمي طور تي فوجي طاقت سان ڪيو وڃي: فوجي طاقت کي فقط تڪسن ذريعي هلائي سگهجي ٿو: سپني تڪسن جو بار وري يقيني طرح سان زراعت تي وڃي پوندو: ۽ زراعت مان تيستائين زرخيزي ۽ اُپت جي اُميد رکڻ اجائي آهي جيستائين ان جي حفاظت، انصاف ۽ اعتدال پسندي ذريعي نہ ڪئي وڃي." [55] اردشير مرڻ وقت پنهنجي بادشاهت جو ورثو ۽ رومين خلاف آئيندي جي حڪمت

عملي ساپور لاءِ چڏي جيڪو پنهنجي عظيم پيءُ جو لائق پٽ هو. پر پيءُ طرفان چڏيل تجويزون فارس جي وِتَ ۽ برداشت ڪرڻ کان گهٽيون وڌيون هيون جن جي نتيجي ۾ ٻئي قومون ڏڪهي ۽ وڏي عرصي تائين هلندڙ جنگي سلسلن، محافظ آرائي ۽ هڪ ٻئي جي تباهيءَ ۾ رڌل رهيون جنهن ۾ ٻنهي کي وڏين تڪليفن ۽ مصيبتن جو مُنهن ڏسڻو پيو.

فارسي، جيڪي گهٽي وقت کان وٺي تهذيب يافته ٿي ويا هيا ته وري بگڙي ٻه چڪا هيا، جنگي آزادي حاصل کان تمام پري رهيا هيا ۽ ذهني توڙي جسماني بهادري واري سختي، جنهن سبب اترين علائقن جا بربر سڃي دنيا جا مالڪ ٿي ويا آهن، وٽن کا نه هئي. جنگ جي سائنسي حڪمت عملي، جنهن ۾ يونان ۽ روم وڏي طاقت حاصل ڪري چڪا هيا ۽ جيڪا هاڻي يورپ وٽ آهي، اوپر جي ملڪن ۾ ان جي ترقي يا ان طرف توجه تمام گهٽ نظر آيو. نظم ۽ ضبط جا اُهي ارتقائي مرحلا، جيڪي مُنجهيل ۽ واڱ وجايل ماڻهن جي رهبري ۽ اُنهن ۾ جوش ۽ جذبو پيدا ڪندا آهن، فارس وارن لاءِ ٻنهه اڻڄاتل هيا. تعمير جي فن، فوجي گهيري کي ترتيب ڏيڻ، پنهنجو بچاءُ ڪرڻ ۽ تحفظ لاءِ قلعا ٺاهڻ وغيره جي اُنهن ۾ کا ٻه مهارت کانه هئي. کين پنهنجي همت ۽ جرئت کان وڌيڪ پنهنجي گهٽي تعداد تي ناز هو. پر جي وٽن جرئت هئي ته نظم ۽ ضبط کان صفا ناآشنا هيا. سندن پيادل فوج، اڏوگابري ۽ بي روحي هئي جنهن ۾ هارين نارين جي هجوم کي پرتي ڪيو ويو هو ۽ جن کي قُرلٽ جي مال جون لالچون ڏئي فوج ۾ آندو ويو هو جن لاءِ فتح ۽ توڙي شڪست ۽ بوچڙ ڪلهي تي رکي پاڄ ڪرڻ ڪيترو نه آسان هو. بادشاهه ۽ سندس ٻيا معزز ماڻهو ڪئمپ ۾ پنهنجن زالن ۽ سريتن جو فخر ۽ عياشي ٻه پاڻ سان گڏ نِيندا هيا. سندن فوجي معرڪن ۾ اڪثر ڪري عورتن جي پريل ريل رڪاوٽ بڻبي هئي، اُنهن ۾ ڪڏڙا، گهوڙا ۽ اُٺ ٻه گهٽا هوندا هيا. ۽ جڏهن ٻه کا مهر ڪاميابيءَ جي وچ تي پهچندي هئي ته فارس جو ميزبان اڪثر ڪري اوچتي ڏُکر پوڻ سبب ڪانئن وڇڙي يا تباهه ٿي ويندو هو. [56]

۽ فارس جا معزز ماڻهو، عياشي ۽ آمريت سان دوستيءَ جي باوجود، ذاتي بهادري ۽ قومي وقار جون پرپور وصفون پاڻ ۾ رکندا هئا. ستن سالن جي عمر کان وٺي کين سچ ڳالهائڻ جي ته ر ڏني ويندي هئي: تير ڪمان هلائڻ ۽ سواري ڪرڻ ٻه کين سيکاري ويندي هئي ۽ اها هڪ آفاقي طور مڃيل حقيقت آهي ته ذڪر ڪيل پوين ٻن هنرن ۾ هنن ڪمال جي مهارت [57] ۽ شهرت حاصل ڪئي هئي. جيڪي قابل ۽ اهليت رکندڙ نوجوان هئا اُنهن کي بادشاهه جي نظرداريءَ هيٺ تعليم ڏني ويندي هئي، محلات جي گيٽ وٽ هو ورزشون کندا هئا ۽ اعتدال واري طبيعت سان ناتو رکڻ ۽ فرمانبرداريءَ جون عادتون اختيار ڪرڻ جي کين سختيءَ سان سکيا اُن وقت ڏني ويندي هئي جڏهن هو شڪار جي ڏڪهين دعوتن ۾ شريڪ ٿيندا هيا. هر صوبي ۾ اتان جو گورنر ملينري تعليم ۽ سکيا جو اسڪول هلائيندو هو. فارس جا معززين (جاگيردارن جي عهدن جو تصور ٻه ڪيڏو نه فطري آهي) بادشاهه جي سخاوت کان زمينون ۽ گهر پنهنجي لاءِ ان شرط تي حاصل کندا هئا ته هو جنگ ۾ پنهنجون ڏيوٽيون ۽ خدمتون بجا آڻيندا. پهرين ٽي سَڏَ تي هو گهوڙي تي چڙهڻ لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا ۽ پاڻ سان گڏ بيشمار جنگي جوانن کي ٻه ساڻ رکندا هئا ۽ لڳ پڳ اوترائي محافظن جا دستا ٻه هوندا هيا جن کي مضبوط ۽ جانثر غلامن ۽ ايشيا جي بيحد بهادر ۽ دلير ماڻهن مان چونديو ويندو هو. گهوڙي سوارن جون هي ننڍيون توڙي وڏيون فوجون، جيڪي تيزيءَ ۾ حملي ڪرڻ ۾ مڃان ڪرڪندڙ ۽ اڳتي وڌڻ جي رفتار ۾ لاجواب هيون، وَسڻ واري هڪ ڪَکر جيان روم جي زوال ڏانهن وڌندڙ بادشاهت جي اوپر وارن صوبن لاءِ خطري جي گهنٽيءَ کان گهٽ نه هيون. [58]

باب - انون
حاشين بابت وضاحتون.

* صفحو - 167 (پونٽس جو بادشاھ جنھن روم جي جمھوريہ خلاف جنگ جو اعلان ڪيو ۽ جنھن کي 84 - ق-م ۾ سُلا شڪست ڏني.

1. ھڪ قديمي تاريخي واقعن جو ماھر ، جنھن جو حوالو ويليس پٽرڪيولس (i,6) ڏنو آھي. ھڏائي تو تہ اسيرين، ميڊ، فارسي ۽ مئسيڊونيا جي ماڻھن، نائنس جي جانشيني کان وٺي رومين طرفان ائنٽيوڪس جي شڪست تائين، ھڪ ھزار نَو سؤ ۽ پنجانوي (1995) سالن تائين ايشيا تي حڪومت ڪئي ھئي. جيئن تہ ھنن مان پويون واقعو حضرت عيسيٰ (ع-س) کان 189 سال اڳ ٿيو ھو تہ پھرئين کي 2184 سال ان دؤر کان اڳ تصور ڪجي. آسماني علم جا مشاھدا جيڪي سڪندر طرفان بابل ۾ ڪيا ويا ھيا، اُنھن مطابق ڇٽپ پنجاھ سال ايڏا اڳتي وڃي ٿي بيھي.

2. سيليوڪس جي سَن جي پنج سؤ اَٺتيھين سال ۾، ڈسو اگاٿياس (ii,63) ھي وڏو واقعو (مستشرقين جي اھائي بيپرواھي آھي) يونيچيَس ايترو مٿي ڪٽي تو وڃي جو انکي ڪمودس جو ڈھون سال تو ھڏائي ۽ ڪورين جي موسيٰ مطابق وري ايترو ھيٺ جيئن فلپ جي حڪومت، اميئنَس مارسيلينَس پنھنجا قديمي دستاويز ھرو ڦرو خراب طريقي سان نقل نہ ڪيا آھن، (xxiii,6) جيڪي حقيقت ۾ ڈاڍا سٹا آھن تہ ھو آرسيسائيڈس جي خاندان کي، چوٿين صدي ع-ع جي وچ تائين فارس جي تخت تي ويٺل تو ڈسي.

3. چنڊو رنگيندڙ جو نالو بابيڪ ۽ سپاھيءَ جو ساسان ھو، پھرئين اردشير جو ھيو نالو بابيگان ھو، پوئين کان سندس سيني پوٽلڻن کي ساساني چيو ويندو آھي.

4. ڏي ھربيلاٽ - اوپر جي ڪتابن جي فھرست. اردشير.

5. ڏائن ڪئسيَس (ڪتاب - IXXX) ھيروڊئن (vi,207)
ابولفراجيَس (بادشاھت - ص - 80)

6. ڈسو موسيٰ ڪورينينسِس (Moses, Chorenensis)

7. ھائيڊ ۽ پرائيڊيڪس، فارسي روايتي ۽ بنيادي ڪردارن تي ڪر ڪندي ۽ ڪجھ پنھنجن اندازن تي ھلندي، ھڪ ڪھاڻيءَ تي اتفاق ڪيو آھي جنھن مطابق زرتشت ڊئريَس ھِسٽئسپِس جو ھمعصر آھي. پر اھو مشاھدو ئي ڪافي آھي تہ يوناني ليکڪ جيڪي پڻ لڳ ڀڳ ساڳي ئي دؤر جا آھن، زرتشت جو دؤر سَوين نہ پر ھزارين سال، پنھنجي وقت کان اڳ جو ٿا ھڏائن. مسٽر مُئائل جِي جائز تنقيد جيڪا ھن سوچي سمجھي ۽ وري ان تي قائر رھي پنھنجي چاچي ڊاڪٽر پرائيڊيڪس تي ڪئي آھي، اُھا زرتشت جي اوائلي دؤر بابت آھي. (ڈسو سندس تحرير - جُلد - ii)

8. قديمي محاوري کي زندِ جوَندا ھئا. تبصري جي ھولي جنھن کي پھلوي ڇاڻايو ويو آھي، توڙي جو اُھا جديد ٿي لڳي، پر ڪيترن دؤرن کان وٺي ان جو وجود ئي ختر ٿي چڪو آھي تہ اُھا کا زندھ زبان بہ ھئي. فقط ھيءَ حقيقت

ٿي. (جيڪڏهن ان جي سنڊ کي تسليم ڪيو وڃي) اُنهن تحريرن جي قدامت کي قبول ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي جيڪا ايم.ڊي انڪيٽل (M.D Anquetil) يورپ تائين پهچائي ۽ فرانسيسي زبان ۾ انجو ترجمو ڪيو.

9. هائيڊ، مذهبن بابت تحريرون. (باب - 21)

10. مون خاص طور تي هي تفصيل ايم. ڊي انڪيٽل جي زينداويستا ۽ سَدر مان هٿ ڪيا آهن، جن کي ڊاڪٽر هائيڊ جي اهم مضمون سان ملايو ويو آهي. ان حقيقت کي بهرحال مجڻ گهرجي ته پيغمبر بابت ايتري اڻ ڄاڻائي ۽ غير يقينيءَ جي ڪيفيت جيڪو اوپر وارن جو خاص انداز آهي ۽ وري فرانسيسي ۽ لاطيني هولين ۾ جيڪو ڪجھ ٿيو آهي ته ان مان به دوکي کائڻ جو وڏو امڪان آهي جنهن مان لڳي ٿو ته اسان کان دوکي ۾ هن فارسي مذهبي ڪم بابت ڪنهن غلطي يا گمراهيءَ وارو ڪم ٿي ويو هجي.

11. جديد پارسي (۽ ڪنهن حد تائين سدَر پڻ) آرمزد کي ايترو مٿاهون ڪٽي ٿا وڃن جو ان کي قادر مطلق تا سمجهن جڏهن ته اُهي احرمن کي تمام گهٽ ۽ فسادي روح تا ڪوٺين. مسلمانن کي خوش ڪرڻ جي سنڊن خواهش، ممڪن آهي ته کين پنهنجي مذهبي سرشتي کي بهتر بنائڻ لاءِ آماده ڪيو هجي.

12. هيروڊوٽس (i, 131) ۾ ڊاڪٽر پرائيڊيڪس دليلن مطابق جائز ٿو سمجهي ته مذهب ۾، مندرن جي استعمال جي اجازت ڪافي پوءِ ملي هئي.

13. سنڊن خلوص واري امتيازي حيثيت جي باوجود، مسلمانن کين سدائين باهه جو پوجاري پئي سڏيو آهي.

14. ڏسو سَدر جنهن جو ننڍي ۾ ننڍو حصو به اخلاقي مثالن سان پريل آهي" جن ڏِٺن يا ڏينهَن ملهائڻ لاءِ چيو ويو آهي سي لامحدود ۽ اجايا آهن. پندرهن دفعا جُهڪڻ، عبادتون ڪرڻ وغيره جي ضرورت ان وقت پوندي هئي جڏهن مذهبي فارسي پنهنجا نَنهَن لاهيندو هو يا (وهنجڻ لاءِ) پاڻي تيار رکندو هو، يا وري اڪثر ڪري تڏهن جڏهن هو مقدس پَٽو پائيندو هو. (سدر - آرٽ - 14,50,60).

15. زينڊا ويستا (i, 224) ۽ زرتشت جي سرشتن بابت اختصار (تام - iii)

16. هائيڊ، مذهبن جو مطالبو (باب - 19)

17. آئبر. (باب - 28) پئي هائيڊ ۽ پرائيڊيڪس، ماگين سان اُهي ڳالهيون لاڳو ڪن تا جيڪي هو عيسائيت کي اڳ ۾ ئي مقدس ڪري سوٺيي چڪا آهن.

18. اَميئن، مارسيلن (xxiii, 6) هو اسانکي ٻه دلچسپ ڳالهيون ٻڌائي ٿو (جيترو اسين مٿس اعتبار ڪري سگهون تا) ته: (1) ماگي ڪجھ منفي اصول هندستان جي برهمن * کان ورتا، ۽ (2) ته اُهو هڪ قبيلو يا خاندان هو يا وري هڪ سلسلو هو.

(* مون هي لفظ پنهنجي طرفان " برهمن " لکيو آهي، نه ته گبن جي حاشيي ۾ اهو لفظ "براچمنس" (Brachmans) لکيل آهي. جيڪو مونکي ڪنهن ٻ لغت ۾ نه مليو. يا ته ڇاپي جي غلطي آهي يا وري مصنف غلط فهميءَ مان برهمن جي بجاءِ براچمنس لکيو آهي. سنڊيڪار).

19. پنهنجي آمدني جي ڏهين حصي ڏيڻ جو قدرتي ادارو، زرتشت ۽ موسيٰ جي قانونن جي هڪ جهڙائيءَ جو هڪ انوکو مثال آهي. اُهي جيڪي ان موافقت جو پورو اندازو يا حساب نٿا لڳائي سگهن ته اُنهن کي اهو سمجهڻ گهرجي،

جي هو چاهن. ته بعد واري وقت جي ماڳي پنهنجي پيغمبر جي تحريرن ۾ گهٽي ڦيرڦار ڪئي جيڪا اُنهن لاءِ فائديمند هئي.

* صفحو - 171 (ذاتي طور تي جنهن جو ذڪر يا اونو هجي)

20. سدر آرٽ (8)

21. اُلسبياد ۽ افلاطون.

22. پلني (فطري تاريخ -XXX, I) ۾ مشاهدو ڏو ڪري ته انسانذات کي ان جادو، مذهب، طبيعات ۽ فلڪيات جي زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏيو.

23. اگاٿياس (iv, 134)

24. مسٽر هيوم. مذهب جي فطري تاريخ ۾ وڏي دانائيءَ مان اظهار ڪري ڏو ته جيڪي تمام گهٽا مُهذب ۽ فلسفيانه مذهبي فرقا آهن ته اُنهن ۾ ئي دائمي طرح هي ڪي برداشت ڪرڻ جو گهٽ ۾ گهٽ حوصلو آهي.

25. سِسيرو (ڊي ليگبيَس (ii, 10) ماڳي جي مشوَري ڏيڻ تي اردشير يونان جا مندر ڌهرائي ڇڏيا.

26. (هائيڊ مذهب بابت - باب - 23,24) ڊي هريلاٽ (زرتشت جي زندگي جو احوال، ٽام (ii) جي زينداويستا ۾)

27. ڪورين جي موسيٰ جي پيٽ ڪريو (ii, 74) اَميئن مارسيلن (xxiii, 6) سان. هن کان پوءِ آءٌ هنن تحريري اقتباسن کي ڪر آڻيندس.

28. ابراهيم (ع.س) جو ربّ، تاريخ " چڪَرد " ۾. (ص - 108, 109)

29. بسنيج، جُوئِنس جي تاريخ (viii, 3) سوزومين (i,I) مينَس جيڪو ذلت جو موت مئو، اُهو ماڳيَن، ساڳي وقت عيسائي پي ته وري لامذهب به هيو.

30. هائيڊ، (مذهب بابت - باب - 21)

31. هي تمام گهٽيون ڪالونيون هيون. سيلوڪس نڪيٽر اُٽيتاليهن شهرن جو بنياد رکيو جيڪي سڀئي سندس نالي سان هيا يا وري ڪجهه ٽورڙا سندس ويجهن عزيزن جي نالي پٽيان هئا. (ڏسو اَٽيَن کي شامي ۾ - ص - 124) سيليوڪن جو دوُر (ايا تائين اوپر جا عيسائي جيئن اُنهن کي ڪوٽين ٿا) بعد ۾ يعني حضرت عيسيٰ (ع.س) جي 196 ڪان 508ع تائين معلوم ٿئي ٿو جنهن جو اندازو پارٿينس جي بادشاهت ۾ يوناني شهرن جي تمغن مان ۾ به ٿئي ٿو. ڏسو موئل جون تحريرون (i, 273) وغيره ۽ ايبر فريريٽ جي يادگيرين ۾. (ٽام - xix)

32. جديد فارسي، ان دوُر کي قومن جي بادشاهت جو سلسلو ڪوٽين ٿا. (ڏسو پلني کي فطري تاريخ ۾ - vi, 25)

33. يوٽيچيَس (i, 267, 371, 375) ميسين جي ٻيٽ جي گهيري جو هنڊ دجلہ ٿو ٻڌائي جنهن ۾ ڪجهه واقعا اهڙا آهن جيڪي نائِنَس ۽ سلا جي ڪهاڻي کان مختلف نہ آهن.

34. اَگاٿياس (ii, 64) سيگيستن جي شهزادن کيترن سالن تائين پنهنجي آزاديءَ جو تحفظ ڪيو. جيئن ته سندن پنهنجي دوُر جي پيار، محبت ۽ ٻين واقعن جا قصا، قديمي دوُر ڏانهن منتقل ٿي ان سان وابسته ٿي وڃن ٿا ته اهو

ناممڪن نٿو لڳي تہ سيگيستن جي شهزادي رُستن جا زبردست ڪارنامـا، تاريخ جي اصلي صفحن تي پيوَند ڪري چنبڑايا ويا هجن.

35. اسان کي فارس جي بادشاهت سان، گيدروسيا يا مڪران جي ساموندي بندرن کي منسوب ڪرڻ مشڪل ٿو لڳي جيڪي هندي سمنڊ کان جَسڪ جي خشڪ ٽڪري تائين (جسماني اُپار جيان اڳتي وڌيل) ۽ گوڊل جي خشڪي جي ٽڪري تائين ڳنڍيل لڳن ٿا. سڪندر جي وقت ۾ ۽ شايد پـوءِ وارن ڪيتـرن دوَرن ۾ پـي، ان ۾ اچٿيوفـاگي (Ichthyophagi) يا مهاڻن جا وحشي قبيلا رهندا هئا جن کي نہ تہ ڪنهن فنَ يا هنر جي ڪا خبر هئي نہ وري ڪنهن مالڪ يا ڪنهن وڏي نندي جي ڪا ڳالهہ مڃيندا هئا. ۽ جيڪي سڄي دنيا کان ڏکين ۽ وارياسن بيابانن ذريعي ڪٽيل هيا. (ڏسو اٿرين کي ڊي زيب اِنديسز ۾) ٻارهين صدي عيسوي ۾ تيض جو نندو شهر (جنهن کي ايم. ڊي ائنول بطليموس جو ٽيسا سمجهيو آهي) جنهن ۾ عربستان جا واپاري اڃي رهندا هئا ۽ اُنهن سان ئي هن جڳهہ جي رونق رهندي هئي. (ڏسو نيوبين جي جاگرافي (ص -58) ۽ ايم. ڊي ائنول جي قديم دوَر جي جاگرافي (ii, 283) .

آخري دوَر ۾ سڄو ملڪ ٽن حڪمرانن ۾ ورهايل هيو، هڪڙو مسلمان هو ۽ ٻہ بُت پرست هيا جن پنهنجي آزاديءَ کي شاهہ عباس جي پوئلڳن خلاف برقرار رکيو هو. (ڏسو ٽيورنيئر جو ساموندي سفر. (i, v, 635)

36. چارڊن (iii, 1, 2, 3)

37. ڊائن (xxviii, 1335)

38. بابل، سلوشيا، سيسيفن، مدائن ۽ بغداد جي منفرد حالتن سبب، اهي شهر هڪ ٻئي متعلق غلط فهمين جو شڪار ٿيندا رهيا. (هن سلسلي ۾ ايم ڊي ائنول جو جاگرافي جو ٽڪرو ڏسو - اڪيڈمي ۾، ٽام - xxx)

39. ٽئسيٽس - تاريخي واقعا (vi, 42) پلني - فطري تاريخ (vi, 26)

40. هي معاملو اسٽرابو منجهان سمجهڻ گهرجي (xvi, 743)

41. وڏو سوچيندڙ ۽ پُرجهيندڙ سياح برنيئر (ڏسو ساموندي سفر جي تاريخ - ٽام - x) جيڪو اورنگزيب جي لشڪر سان گڏجي دهلي کان ڪشمير تائين ويو، شهر جي هلچل ۽ رونق بابت صحيح حقيقتون پوري تفصيل سان ٻڌائي ٿو. گهوڙي سوارن جو دستو =/35000 ۽ پيادل فوجين جو =/10,000 ماڻهن تي مشتمل هو. اهو حساب لڳايو ويو هو تہ لشڪر ۾ =/1,50,000 گهوڙا، گڏهہ ۽ هاٿي، =/50,000 اُٺ، 50,000 ڍڳا، ۽ 300,000 کان 400,000 ماڻهو هئا. ڇيو وڃي ٿو تہ ان منظر کي ڏسڻ لاءِ دهلي جو سڄو شهر اُتلي پيو هو ۽ شهر جو نظارو شاندار ۽ ڏسڻ وٽان هو.

42. ڊائن (Ixxi, 1178) آگسٽ جي تاريخ (ص - 38) يوٽراپ (viii, 10) يوسيب - ڪرانڪ ڪوڊرينَس ۾ (جنهن جو حوالو آگسٽن تاريخ ۾ ڏنو ويو آهي) هِنن ۾ رومين تي لڳل الزامن کي ڏوئڻ جي ڪوشش ڪئي وَئي آهي جنهن ۾ وري اهو بہ الزام لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ سِلوشيا جي شهرين سندن عقيدي سان هٽ ڇُراند ۽ ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

43. ڊائن (Ixxv, 1263) ، هيروڊئن (iii, 120) ، آگسٽ جي تاريخ (ص - 70).

44. ائنٽئڪ جا مهذب شهري، ايڊيسا وارن کي ٻريبر - گاڏڙ نسل سڏيندا هئا. ساڳي وقت هڪ گالهه ۾ سندن تعريف ۾ ٿيندي هئي ته هو شامي ٻولين جا ئي لهجا ڳالهائيندا هئا. اصلي ۽ شاندار آرمينيائي ٻولي ايڊيسا ۾ ڳالهائي ويندي هئي. ايبر. بيئر (ايڊيسا جي تاريخ - ص - 5 تي) هي تبصرو ملاٽيا جي جارج، جيڪو هڪ شامي ليکڪ هو، کان ورتو آهي.

45. ڊائن (Ixxv, 1248, 1249) ايبر بيئر هن اهر ٽڪري کي الائي ڇو ڇڏي ويو آهي.

46. آرهوز جي هيءَ بادشاهت جنهن آخري آبگئرس جي ڏينهن ۾ ملڪ کي هڪ ڏڻون نالو ڏنو. 353 سالَ هلي. (آرهين ۽ ايڊيسا جي تاريخ بابت ايبر بيئر جو ڪيل اهر ڪر ڏسو)

47. سائروپيڊيا (Cyropaedia) جي پيش لفظ ۾ زينوفن سائرس جي بادشاهت ۽ ان جي حدن متعلق ڏاڍو ڪمالَ جو تصور پيش ڪيو آهي ۽ صاف ۽ واضح حقيقتون بيان ڪيون آهن. هيروڊوٽس (iii, 79) هڪ دلچسپ ۽ خاص طرز جي بيان ۾ اُنهن ويهَن صوبن جو ذڪر ڪري ٿو جنهن ذريعي ڊئريَس هِسٽئسپِس (Darius Hystaspis) فارس جي بادشاهت جي ورهاڱي بابت لکيو هو.

48. هيروڊئن (vi, 209, 212)

49. ڊئريس مطابق اربيلا جي جنگ ۾ ٻه سؤ جنگي گهوڙي - گاڏيون هيون جن سان ڏاڙي وانگر هٿيار ٻڌل هيا. ٽِگرينس جي وڏي فوجي لشکر ۾ جنهن کي ليوسيرلس شڪست ڏني هئي، ستر هزار گهوڙا پوريءَ طرح مسلح ڪيا ويا هيا. ائنٽيوڪَس، رومين خلاف جنگ جي ميدان ۾ چوڏنجاهه هزار هاڻي آندا هيا: هندستان خلاف جنگين ۾ توڙي امن جي ڳالهين ۾، هن هڪ دفعي اهڙا ڏيڍ سؤ وڌا ۽ پَوائتا جانور ڪٺا ڪيا هيا؛ پر هتي اهو سوال اٽاري سگهجي ٿو ته هندستان جي وڏي ۾ وڏي طاقتور حڪمران ڪڏهن جنگ جو اهڙو نقشو ناهيو هو جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ست سؤ هاڻي هجن. ٽي سؤ يا چار سؤ هاٿين جي بجاءِ، جيڪي مغل بادشاهه کي پاڻ وٽ موجود رکڻ ڪندا هئا. ٽيورنيئر (ساموندي سفر جي (ii, i, 198) ۾ هڪ دلچسپ انڪشاف ۾ ٻڌائي ٿو ته هن وٽ ڪُل پنج سؤ هاڻي هئا ۽ اُنهن مان فقط اَسي يا وڌ ۾ وڌ نَوي جنگ ۾ استعمال ٿيڻ لاءِ وقف هوندا هيا. يونانين ۾ به هاٿين جي تعداد بابت مختلف رايا آهن جيڪي پورس جنگ جي ميدان ۾ لاٽا هيا، پر ڪئنٽس ڪرٽس (viii, 13) هن سلسلي ۾ پنجاسي طاقتور ۽ قدآور هاٿين تي اڪتفا ٿو ڪري جيڪو جائز ۽ صحيح اندازو معلوم ٿئي ٿو. سيام ۾، (موجوده ٿائلئنڊ) جتي اهي جانور گهٽي ۾ گهٽا آهن ۽ جن جو اُتي بيحد قدر به ڪيو ويندو آهي، اَرڙهن هاٿين کي، نوَن (9) برگيڊن لاءِ (يعني هر برگيڊ لاءِ اوترا هاڻي) مطابق فوجين ۾ ورهايا ويندا آهن ۽ اُنهن کي ڪافي سمجهيو ويندو آهي. هڪ سؤ ٻاهٺ هاٿين جي تعداد کي، جنگ جي خاص ضرورت مطابق ٻيٽر ڪري سگهجي ٿو. (ساموندي سفر جي تاريخ - ix, 260)

50. آگسٽ جي تاريخ (ص - 133)

51. ايبر. ڊي ٽليمانٽ اڳ ۾ ئي اسان کي ٻڌايو آهي ته هيروڊئن جي جاگرافي ڪافي مُنجهائيندڙ آهي.

52. ڪورين جو موسيٰ (آرمينيا جي تاريخ (ii, 71) ميڊيا جي حملي بابت ٻڌائي ٿو ته آرمينيا جي بادشاھ خُسرو، اردشير کي شڪست ڏني ۽ هندستان جي سرحدن تائين سندس پيڇو ڪيو. خسرو جي ڪارنامن کي ڪجھ وڌائي پيش ڪيو ويو آهي ۽ هن رومين جي اتحادي طور ڪر ڪيو ۽ مٿن پاڻيندڙ هيو.

53. هن جنگ جي تفصيل بابت هيروڊئن جو مطالعو ڪيو. (vi, 209, 212) پرائن اختصارن کان ڪر ولندڙن ۽ تاريخ جي جديد سهيڙيندڙن، اڪيون ٻوٽي آگسٽن تاريخ تي پاڙيو آهي.

54. يوٽيچيَس (ii, 180 - ورس پوڪوڪ) عظيم بادشاھ خسرو نوشيروان، اردشير جي قانونَ کي، سيني صوبائي گورنرن ڏانهن ڏياري موڪليو ۽ ان کي ئي عوام سان هلڻ چلڻ جو قانون ۽ روَيو سمجھن.

55. ڏي هر بيلات - (اوپر جي بادشاهن جو احوال - اردشير) مشاهدي ڪرڻ مان اسان کي خبر پوندي ته قديمي ڏنڊ ڪٽائن ۽ اونداهي دوَر جي وڏي عرصي گذرڻ کانپوءِ، فارس جي جديد تاريخ، حقيقتن ۽ سچائيءَ جو رُخ خاص طرح ساساني دوَر کان پوءِ ورتو.

56. هيروڊئن (vi, 214) اَميئينَس مارسيلينَس (xxiii,6) ٻنهي تاريخدانن ۾ ڪجھ اختلاف آهن جيڪي انڪري ٻه فطري لڳن ٿا ته جيڪي ڏيڊ صدي جي هيڏي ساري وڏي عرصي ۾ تبديليون آيون ته لازمي طور هڪ جو خيال ٻي کان مختلف ٿي سگھي ٿو.

57. فارس جا ماڻهو هن وقت تائين دنيا جا بهترين گھوڙيسوار مڃيا وڃن ٿا ۽ اوپر ۾ اُنهن جا گھوڙا سيني کان بهترين ليکيا وڃن ٿا.

58. هيروڊوٽس، زينوفن، هيروڊئن، اميئينَس ۽ چاردن وغيره کان مون فارس جي معزز ماڻهن متعلق اهڙيون ڳالهيون ونيِ اوهان کي ٻڌايون آهن جيڪي يا ته هر دوَر ۾ هڪ جهڙيون هونديون آهن يا وري اُهي خاص طرح سان ساساني دوَر سان لاڳاپيل آهن.

باب نائون

ڏيسين بادشاهه جي وقت ۾، بربرن جي حملي تائين جرمني جي حالت.

روم جي بادشاهت جي زوال ۽ خاتمي ۾ فارس جي حڪومت ۽ مذهب جو واسطو ڪافي غور طلب آهي. اسان ٿوري گهڻي وقفي ڪانپوءِ اسڪئنين ۽ سرماٽين جي قبيلن جو ذڪر ڪندا رهنداسون جيڪي پنهنجن هٿيارن ۽ گهوڙن، پنهنجي مال جي وَڳَ ۽ ڏَڻ، پنهنجن زالن ۽ ڪُٽنبن سميت وڏن وڏن بيابانن ۽ اهڙن رِڍ پٽن ۾ رُلندا رهيا جيڪي ڪئسپين سمنڊ ڪان وِسٽولا تائين هڪ طرف ته هي طرف فارس ڪان جرمنيءَ تائين پکڙيل هئا. پر جرمن ويڙهاڪن پهريون ته باهرين مداخلت ڪي روڪيو. پوءِ پاڻ حملا ڪرڻ شروع ڪيائون ۽ آخرڪار روم جي اولهندي واري بادشاهت کي فقط ان ارادي سان ڌاهي ڇڏيائون ته هُو وڏيڪ تاريخي ۽ اهم خطي کي چُوندي ان تي قبضو ڪندا جيڪو هنن جي لحاظ سان مقامي ۽ هجي ۽ اسانجي ڏيان ۽ سوچڻ جي حدن ڪان به وڏيڪ مضبوط ۽ پائدار هجي. يورپ جون جيڪي مهذب ترين قومون آهن، حقيقت ۾ اُنهن جو اصل نسل ۽ شروعات جرمنيءَ جي جهنگلن ڪان ٿي ۽ بربرن جي وڏن فخر لائق ادارن ۾ به اسانکي پنهنجن موجوده قانونن ۽ اخلاقيات جي اصلي اصولن جي جهلڪ نمايان طور تي نظر اچي ٿي. اوائلي ۽ نِڀ سادگي ۽ آزادي جي روپ کي تائر رکڻ جي سلسلي ۾ جرمنيءَ جي ماڻهن کي باريڪ بينيءَ جي نظرن سان جاچيو ۽ پرکيو ويو هو ۽ سندن هلت چلت ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو نقشو ٽئسيٽَس جهڙي شخص جي پينسل سان ليکيو ويو هو جيڪو پهريون تاريخدان هو جنهن حقيقتن کي فلسفي جي سائنس جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي هئي. نهايت ئي مناسب لفظن ۾ سندس توريل تڪيل بيان جي انداز ڪيترن ئي قديمي دؤر جي آثارَ پرکيندڙن جي ڏيان ڇڪرائڻ لاءِ ڪين مجبور ڪيو آهي ۽ خود اسانجي دؤر جي فلسفي تاريخدانن جو ذهن به سوچڻ ۽ ڳُوڙهي ويچار ڪرڻ تي آماده ٿيو آهي. سندس موضوع ايترو ته اهم ۽ گهَڻ - رُخو آهي جو اُن جي اهميت تي اڳواٽ ئي قابليت ۽ ڪاميابيءَ سان ايترو ته بحث ٿي چڪو آهي جو پڙهندڙ اِن موضوع سان هر لحاظ سان واقف ۽ مانوس ٿي چڪو آهي، البت ليڪڻ لاءِ لکڻ ڪجهه مشڪل ٿي ويو آهي. تنهنڪري اسان فقط ڪجهه مشاهدي ڪرڻ ۽ اُنهن ڳالهين کي ورجائڻ تي اڪتفا ڪنداسين جن جو تعلق ان وقت جي موسمن، انسانن جي طور طريقن ۽ ادارن جي اهميت سان آهي جنهن سبب جرمنيءَ جا بربرَ، روم جي بادشاهت خلاف ايترا طاقتور ۽ اُنجا خطرناڪ دشمن بڻجي ويا.

رائين جي اولهه وارن آزاد صوبن جي جدا حيثيت کي چڏي ڪري، قديم جرمني، جنهن روم جي طاقت ۽ حڪومت آڏو پاڻ کي جُهڪائي ڇڏيو هو، يورپ جي ٽئين حصي تائين پکڙيل هو. ڏري گهٽ سڃي جديد جرمني، توڙي ڊينمارڪ، ناروي، سئيڊن، فِنلئنڊ، لِوونيا، پروشيا ۽ پولنڊ جي وڏي حصي ۾ هڪڙي ۽ ساڳي قوم جي ماڻهن جا قبيلا رهندا هئا جن جو رنگ، اُٺي ويهٽي، اخلاق عادتون توڙي ٻوليءَ جو اصل نسل ساڳيو هو ۽ ان ثقافتي هڪ جهڙائيءَ کي هر ممڪن لحاظ سان محفوظ پڻ ڪيو ويو هيو. اولهه ۾ جرمنيءَ کي گال وٽان رائين جدا ٿي ڪيو ۽ ڏکڻ ۾ اِليريا وٽان انکي دنيوب جدا ٿي ڪيو، جيڪي ٻئي بادشاهت جا صوبا هيا، پهاڙن جو هڪ سلسلو جيڪو دنيوب ڪان

ڪرَ ڪَنيرن پنهنجي پاڻ کي نمايان ڪيرن ٻيلو هو جنهن کي ڪارپٿين جا جبل چيو ويندو هو سڃي جرمني کي ڏکڻ يا هنگري جي طرف کان ڍڪي ٿي ڇڏيو. اوير جي سرحد جي اهميت ڪجهه قدر گهٽ هئي جو اُتي جرمنس تورڙي سرمائيندس هڪ ٻئي جي خوف خطرن کان ڍنل هئا ۽ هنهي قومن جي گاڏو نسلن جي هڪ جهڙائي ۽ سندن ويڙهاند واري ساڳي روپ سبب هنهي قومن جي وچ ۾ وڏيون غلط فهميون ۽ مونجهارا اڪثر ڪري پيدا ٿيندا رهندا هيا. اُتر ۾ ته ذري گهٽ انڌارو چانيل هو چو ته اُتي بالٽڪ سمنڊ ۽ اسڪنڈينيويا (Scandinavia) جي جزيري [1] جي چوگرد هڪ ڇيل سمنڊ جي ڪاراڻ هئي جيڪا قديمين کي پري کان ئي اڌ ڇڻي نظر ايندي هئي.

ڪجهه معتبر ليکڪن اديشو ظاهر ڪيو آهي ته يورپ اڄ جي مقابلي ۾ اڳي وڌيڪ ڏڏو هو ۽ جرمنيءَ جي آبهوا بابت جيڪي قديمي تذڪرا هٿ آيا آهن اُهي ان امڪان جي يقيني حد تائين تصديق تا ڪن. سخت پاري يا دائمي سياري خلاف اڪثر شڪايتن جي باري ۾ ڪجهه به نٿو ڪري سگهجي چو ته اسان وٽ يونان يا ايشيا جهڙن خوش قسمت خِطن ۾ رهندڙ تقرير جي ماهرن جي جذبن ۽ احساسن کي ماپڻ جا ترماميٽر آهن ئي ڪونه جيڪي اِن ڏڏ کي سندن معيار جي ماپن تائين گهٽ ڪري سگهن. پر مون هن نهايت ئي نمايان حالتن يا واقعن جي چوند ڪئي آهي جيڪي غير مشڪوڪ آهن.

1. ٻه وڏيون ندیون رائين ۽ دنيوب جيڪي روم جي صوبن جي ڏيکهه ويکر تائين وهن ٿيون، اڪثر ڪري ڇيل رهنديون هيون جنهن باعث اُنهن متان وڏو وزن کڻي سگهبو هو. بربرَ جيڪي پنهنجن حملن ۽ جنگي ڪارروائين لاءِ سخت سرديءَ جي موسر جو انتخاب ڪندا هئا، پنهنجي پيادل تورڙي گهوڙي سوار فوجين ۽ وڏين گاڏين کي برف جي ڇيل ۽ سخت ٿيل تَهَن تان آسانيءَ سان ۽ بغير ڪنهن خوف خطري جي ٽپائي وڃي پار پوَندا هئا. [3] موجوده دؤر ۾ اهڙي قسر جو ڏيکَ هرگز نظر نه آيو آهي.

2. برفاني هرڻ، جنهن کي هارهن - سِگو به چيو ويندو آهي، اُتر جي جهنگلي ماڻهن لاءِ بيحد ڪمائتو ۽ فائديمند جانور آهي ۽ سندن غمگين زندگيءَ جو چٽڪ هڪ سهارو آهي. هن جانور جو جوڙ جڪ اهڙو آهي جو سخت سردي ان جي رهڻ ۽ جياپي لاءِ بيحد ضروري هوندي آهي. ان کي اسپٽزبرگ (Spitzberg) جي پهاڙن تي، قطب کان فقط ڏهن ڊگرين تي لڏو ويندو آهي: هو لئپ لئنڊ ۽ سائبيريا (Lapland and Siberia) جي برفن ۾ رهندي بيحد لطف اندوز ٿيندو آهي: پر موجوده دؤر ۾ اُهو اهڙي سخت سردي ۾ يعني بالٽڪ جي ڪنهن به ڏاکڻين ملڪ ۾ زندهه نٿو رهي سگهي ۽ نه وري پنهنجي نسل کي وڌائي سگهي ٿو. [4] سيزر جي وقت ۾ برفاني هرڻ، سامبر ۽ جهنگلي سانڍ، هرسينين جي وڏي جهنگ ۾ رهندا هئا جيڪو جرمني ۽ پولنڊ [5] جي ڇڇ جيتري حصي تائين پکڙيل هو. موجوده دؤر ۾ جيڪي ماحولياتي سڌارا ۽ ترقيون ٿيون آهن، اُهي سخت سرديءَ کي گهٽائڻ جا وڏي ۾ وڏا سبب آهن. جهنگ جا تمام گهاتا وڻ ڪاٽيا ويا آهن جيڪي اڳ زمين کان سِڇ [6] جي تيز ڪرڻن کي روڪيندا هئا. ڍُهڻ جي زميني ٽڪرن مان پاڻي نيڪال ڪيو ويو آهي جنهن ڪري آبهوا معتدل ٿي پئي آهي. اڄ ڪلهه جو ڪئناڊا، قديمي جرمنيءَ جي ڇڻ هوبهو تصوير آهي. تورڙي جو ان کي موسر جي حوالي سان فرانس ۽ انگلنڊ جي ڪن بهترين صوبن سان پڻ پيٽي سگهجي ٿو، ان جي باوجود ان ملڪ ۾ اذيتناڪ سردي پوي ٿي. اُتي برفاني هرڻ جام آهن، زميني تَهَه دائمي طرح برف جي پهاڙن سان

ڊڪيل رهن ٿا ۽ سينٽ لارينس ندي هر وقت ان موسر ۾ برف جميل رهندي آهي جڏهن ته سين ۽ ٽيمس ندين گهٽو ڪري جميل برف [7] کان آجيون رهن ٿيون.

مقامي ماڻهن جي ذهنن ۽ جسمن تي قديمي جرمني جي موسر جي اثر پوڻ بابت مبالغو ته ڪري سگهجي ٿو پر ڪو يقيني فيصلو نٿو ڪري سگهجي. ڪيترن ليکڪن ڪنهن به واضح ثبوت کانسواءِ پنهنجي طرفان اندازو به لڳايو آهي ته ذري گهٽ تسليم به ڪيو آهي ته اترين علائقن جي سخت سردي وڏي جمار ماڻڻ ۽ نسل پيدا ڪرڻ جي طاقت کي قائم رکڻ لاءِ مفيد آهي: هيو ته عورتن ۾ ٻارن پيدا ڪرڻ جي صلاحيت به تيز ٿي وڃي ٿي ۽ اهو ئي سبب آهي ته اُتي گرم يا معتدل آبهوا وارن ملڪن جي پيٽ ۾ ماڻهو تمام گهٽا آهن. [8] اسان اِها ڳالهه پوري اعتماد سان چئي سگهون ٿا ته جرمنيءَ جي فرحت بخش فضا ۽ هوا، مقامي ماڻهن جي مرداڻن عضون ناهڻ ۾ وڏيڪ مددگار ثابت ٿي آهي ۽ اُتان جا ماڻهو، ڏاکڻين علائقن جي ماڻهن جي مقابلي ۾ [9] وڏيڪ قداور ٽين ٿا ۽ اُنهن ۾ عام مزدور جي مقابلي ۾ تڪليفن يا مشقتن کي برداشت ڪرڻ جو وڏيڪ حوصلو ۽ قوت رهي ٿي ۽ سندن جسماني بناوٽ کين بهادري ڏيکارڻ لاءِ به هر وقت آماده ڪري ٿي جو ته سندن بدني بناوٽ اُنهن جي حوصلي ۽ همت کي به جوان ۽ توانا رکي ٿي. سخت سياري جي هڪ جنگي ڪاروائيءَ رومي فوجين جي همت کي برف جيان ڄمائي ڇڏيو هو جڏهن ته اتر جي [10] سخت جان ماڻهن کي ان جي ڪا پرواهه ئي ڪانه هئي، جيڪي وري اونهاري جي گرميءَ کي بلڪل برداشت نٿي ڪري سگهيا ۽ اٽلي جي سڄ جي تَپش آڏو همت هاري ڪمزوري ۽ بيماريءَ ۾ وڃي ويا.[11]

هن دنيا جي گولي تي ڪنهن به ملڪ جو ڪو به وڏو حصو، اسان جي ڄاڻ ۽ معلومات مطابق، اهڙو ناهي جيڪو اتان جي رهواسين کان خالي هجي يا جنهن جي پهرين آبادي ۽ کي تاريخي شاهدين سان طئي ڪيو ويو هجي ته اُهي اُتي ڪڏهن آباد ٿيا هيا. ان جي باوجود به کيترائي سوچيندڙ يا فلسفي ذهنَ، وڏين قومن جي بالڪپڻ بابت ڳوڙهي معلومات حاصل ڪرڻ کان مشڪل سان ئي مُڙيا هوندا، پر اسان جو تجسُس ان ڏُکي ۽ ڏُڇي واري جستجو ۾ ناڪام ٿي وڃي ٿو ۽ سڄي ڪوشش ڇڻ اجائي ۽ عبث لڳي ٿي. جڏهن ٽئسيٽس جرمن نسل جي نِج ۽ اصلي هئڻ ۽ ساڳي وقت ملڪ جي للڪاريندر صورتحال بابت سوچيو ته مقامي بربر ۽ ان ڏرتي جا اصلي رهواسي ئي ڳُهمي ڦِري سندس ذهن ۾ آيا. اسان کي اها ڳالهه تسليم ڪرڻ ۾ ڪابه هڪ يا رڪاوٽ محسوس نٿي ٿئي بلڪ سڄ به اهو آهي ته قديم جرمني جا ماڻهو ٻاهرين ڪالونين يا اڳواڻ جوڙيل سياسي سوسائٽين منجهان آباد نه ٿيا هيا[12] پر اهي هرسينين جي ٻيلن (Hercynian Woods) جا رولاڪ جهنگلي ۽ وحشي هيا جيڪي ٻَڌي ڪري پاڻ ۾ هڪ ٿي ويا ۽ نالي توڙي سُڃاڻپ جي حيثيت سان جرمن قوم بڻجي ويا. پر اهو چوڻ ته اهي وحشي ان زمين مان جنهن تي هو رهندا هئا، بس اٽين حادثاتي طور يا پاڻ هرتوُ پيدا ٿي ويا، هڪ اُبهرائيءَ وارو ۽ ناجائز حوالو هوندو جنهن جي مذهب به مذمت ڪندو ۽ دليل به ان جو انڪاري هوندو.

جتي قُوند واري ذهانت چوٽ چڙهيل هجي اُتي دليلن ذريعي شڪ ڪرڻ جي به گنجائش نٿي رهي. اُنهن قومن جن حضرت موسيٰ (ع-س) جي واتّ اختيار ڪئي ته حضرت نوح (ع-س) جو ٻيڙو به ساڳي ڪم جو هو جيڪو اڳ يونانين جي لاءِ هو يا اٽين جيئن ٽراءِ (Troy) جو گهيرو رومين لاءِ هو. هڪ مستند سچائيءَ جي محدود دائري تي هڪ

وڏي خيالي عمارت کي بيهاريو ويو آهي ۽ هڪ اڻ گهڙيو آئرلنڊ جو ماڻهو [13] يا اوهڙي قسر جي تاتاري [14] جا فيٽ جي اڪيلي پٽ کي يقين سان سڃاڻي سگهي ٿو جو ته اُن جي ٿي ڪُکِ مان سندس ابن ڏاڏن جي نسل جو سلسلو شروع ٿيو هو. پوئين صديءَ ۾ ڪيترائي ماهر آثار شناس ۽ سادگي وارو عقيدو رکندڙ موجود هيا جيڪي روايتن، رسمن رواجن، اندازن ۽ لفظن جي علم جي ٿوري سَڌ بُڌ ۽ ڇاڻ رکڻ جي باوجود به حضرت نوح (ع-س) جي پَڙ ۽ تڙ پوٽن جي رهبري ڪندي کين بابل جي مناري کان دنيا جي گولي جي آخري حدن تائين وڃي ويا هيا. اهڙن ماهر نقادن مان هڪڙو اولوس رُڊبيڪ هو جيڪو اُپسال [15] يونيورسٽي ۾ پروفيسر ۽ هڪ دلچسپ انسان هو. جيڪو ڪجهه به تاريخ ۾ ٻڌايل آهي تورڙي اُهو سڀ ڪجهه افسانوي آهي، پر هن جوشيلي وطن جي پوڄاريءَ اُهو سڀ ڪجهه پنهنجي ملڪ ڏانهن منسوب ڪيو آهي، سئيڊن کان (جيڪو پڻ گهٽي ياڳي قديم جرمني جو حصو هو) يونانين پڻ پنهنجا الف-بي جا اکر يا نشان تورڙي ستارن يا گرهن جو علم ۽ مذهب حاصل ڪري پاڻ اختيار ڪيو هو. اهڙي فرحت ڏيندڙ خِطي (جو ته مقامي ماڻهن کي پنهنجو خطو اهڙو ئي پيارو لڳندو هو) ۾ افلاطون جو ديومالائي ٻيٽ اٽلانٽس، هائپربورينس جو ملڪ، هِسپرائيڊس جا باغَ، پاڻ ۾ پريا ٻيٽ تورڙي اِليسيَن جون ٻنيون يا ميدان، اِهي سڀيئي اَڻ ڇڻا ۽ نامڪمل نقش هيا. هڪ اهڙو خطو جنهن جي آبهوا کي قدرت طرفان نهايت وٽندڙ رکيو ويو هجي، اُهو ٻوڏن کانپوءِ گهٽي عرصي تائين بيابان نٿو رهي سگهي. سُڃاڻ رُڊبيڪ حضرت نوح (ع-س) جي ڪنب کي ڪجهه سالن جي مهلت ڏئي ٿو جنهن ۾ سندن تعداد فقط اَٺن جي انگ کان وڌي ويهَ هزار فردن تائين پهچي ٿو وڃي. ان کان پوءِ هو کين مختلف ڪالونين ۾ موڪلي ٿو ته زمين کي وڃي آباد ڪن ۽ انساني نسل جو پرچار ڪن. جرمن ۽ سئيڊن جي جٽن (جن عسڪيناز جي ڪمان هيٺ سفر شروع ڪيو جيڪڏهن مونکي ڪا غلط فهمي نه ٿي آهي، جيڪو گومر جو پُٽ هو ۽ اُهو وري جا فيٽ جو پٽ هو) پنهنجو پاڻ کي مجرايو ڇو ته اُنهن ان وڏي ڪرَ کي مڪمل ڪرڻ ۾ وڏي محنت کان ڪر ورتو. اُترين علائقن جي ماناري، يورپ، آفريڪا ۽ ايشيا ۾ ماڻهن جا انبوهَ پکيڙي ڇڏيا ۽ (مصنف جي هڪ تشبيهه موجب) رَتُ هاڻي جسر جي مختلف پُڄڙين کان اُبتي وهڪري ذريعي دل ڏانهن دوُرو ڪرڻ لڳو.

پر جرمني جي آڳاٽي دوُر جي سهڻي سرشتي کي هڪڙي حقيقت بلڪل تباهه ڪري ڇڏيو آهي جنهن ۾ ڪنهن به شڪ يا گمان جي ڪا گنجائش باقي نه رهي آهي ۽ اُها حقيقت ان حد تائين مستند ۽ مڃيل آهي جو ان جو جواب به نٿو ڏئي سگهجي. ٽشيئنس جي وقت ۾ جرمنس کي لکڻ پڙهڻ [16] بلڪل نه ايندو هو ۽ لکڻ پڙهڻ جي سِکيا ٿي هڪ اهڙي وَڏي آهي جيڪا مهذب ماڻهن کي جهنگلين جي ڏَڏ کان جدا ڪري ٿي جن ۾ نه ته ڪا ڇاڻ هوندي آهي ۽ نه وري ڪو علم جو پاڇو به مٽن پوَندو آهي. ان هٿراڏو مدد ڪانسواءِ، انسان جي يادگيريءَ جي صلاحيت منتشر ٿي وڃي ٿي ۽ اُنهن وصفن کي به بگاڙي ڇڏي ٿي جيڪي سندس ياد ۾ محفوظ ڪيون ويون هيون ۽ انساني ذهن جون اعليٰ صلاحيتون، جن کي جڏهن گهريل مواد ۽ غِذا نه ٿي ملي ته اُهي ويساري جو شڪار ٿي وڃن ٿيون: نتيجو نيٽ اهو ٿو نڪري ته فيصلي جي قُوَت ڪمزور ۽ ضعيف ٿي وڃي ٿي ۽ تصور يا خيالن جي اُڏام صفا سُست ۽ بيقاعدي ٿيو ٿي وڃي. هن اهر سچ کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ اچو ته هڪ بهتر سوسائٽيءَ جو مثال وٺون جنهن ۾ هڪ پڙهيل ڪيل انسان ۽ جاهل هاريءَ جي وچ ۾ تفاوت ۽ مفاصلي جو فرق آساڻيءَ سان معلوم ٿي ويندو. پهريون پڙهڻ لکڻ ۽ غور

کرڻ سان پنهنجي تجربي کي اڳتي وڌائي ٿو ۽ پراڻن ۽ پرڏيهي ملڪن ۾ وڃي رهي ٿو. جڏهن ته پويون. هڪڙي ئي جڳهه تي جمي ٿو وڃي ۽ پنهنجي همار جي مختصر سالن تائين سندس سوچ محدود ٿي رهي ۽ سندس ذهني صلاحيتون سندس محنت جي سائي ڏيڳي کان اڳتي نه ٿيون وڌن. وري فردن جي مقابلي ۾ قومن جي وچ ۾ اهو فرق ساڳيو نه پر ايڏا به تمام گهڻو نظر اچي ٿو ۽ هاڻي اسان اهو فيصلو آسانيءَ سان ڏئي سگهون ٿا ته لکڻ پڙهڻ جي صلاحيتن کانسواءِ ماڻهن يا قومن، تاريخ جي صفحن تي پنهنجو سڏ يا نيڪناميءَ وارو نالو نه ڇڏيو آهي، نه وري سائنسي علمن ۾ کا ترقي ڪئي آهي يا وري انساني زندگي گذارڻ جي مڃيل سليقي سان ۽ قبول ڪرڻ جهڙي تڪميل سان اُنهن پنهنجي حياتي گذاري آهي.

جيڪي هنر يا سليقا هاڻي بيان ڪيا ويا آهن، جرمني جا قديمي ماڻهو بدقسمتيءَ سان اُنهن وصفن ۾ يتيم هيا. اُنهن پنهنجون حياتيون غربت ۽ جهالت ۾ ئي گذاريون جنهن ڪجهه تقرير جي ماهرن کي موقعو ڏنو ته ان عيب کي نيڪيءَ واري سادگيءَ جو نالو ڏئي ڇڏيائون. جديد جرمنيءَ لاءِ چيو ٿو وڃي ته ان ۾ ٻه هزار ئي سوَ اهڙا شهر آهن جن جي وڏين پتين ذريعي حفاظت ڪئي وئي آهي. [17] ملڪ جي وڏي ۽ وسيع علائقي ۾ جاگرافي جي ماهر پٽوليمي کي فقط نَوي هنڌ اهڙا مليا جن کي هن شهر جو [18] خطاب ڏنو. توڙي جو، اسانجي خيال موجب، اُنهن کي ايڏو شاندار لقب نه ملڻ گهرجو هو. اسان اُنهن کي، پنهنجي راءِ مطابق، فقط قلعا ڪوٺيون ٿا جن کي وٽن يا ٻيلن جي مرڪز ۾ اڏيو ويو هو ته جيئن ان وقت عورتن، ٻارن ۽ جانورن جي حفاظت ڪري سگهجي جڏهن اُنهن جا ويڙهاڪ مردَ ڪنهن ڌارئي حملي کي [19] ناڪام بنائڻ لاءِ گهر کان ٻاهر ويل هجن. پر تئسيٽَس اسانکي ٻڌائي ٿو ۽ جيڪا هڪ حقيقت به آهي ته سندس وقت ۾ جرمنس کي وڏا شهر بلڪل ڪو نه هيا؛[20] ۽ اُهي ٻهروپيائيءَ ۾ روم وارن جي صنعتي ترقيءَ کي حفاظت جي بجاءِ قيد جي جڳهه سمجهندا هئا. [21] سندن رهڻ جو جايون به گڏوگڏ نه هيون ۽ اهڙيءِ طرح به ترتيب سان نه هيون جو اُنهن مان هڪ باقاعدي ڳوٺ [22] ٺهي پوي؛ هر هڪ بربر پنهنجو ڇُهڪو جدا ۽ ان جڳهه تي ٿاهيو جتي کيس کو مناسب زمين جو ٽڪرو ڪجهه جهنگ ۽ تازي پاڻيءَ جي سهولت نظر ٿي آئي ته ان هنڌ کي اهميت ڏئي، اُتي ئي گهر آباد ڪري ٿي ڇڏيائين. سادگيءَ سان جوڙيل هنن گهرن ۾ [23] نه ته پٿر ۽ نه وري سِرن ۽ ٽائلن جو استعمال کيل هو. دراصل اُهي گول قسم جون ننڍيون ننڍيون ڇُهڪيون هيون جيڪي اڌ گهڙيل ڪاٺ ۽ ڪکن کانن مان ٺاهيون ويون هيون جن جي وچ تي وڏو سوراخ کيل هو ته جيئن گهَر جو دونهون ٻاهر نڪري سگهي. سخت سياري ۾ به جانڻو جرمن ڪنهن جانور جي ڪلَ مان ٺهيل ٿوڙڙا ڪپڙا پائي به خوش رهندو هو. اُهي قومون جيڪي اُترين علائقن ۾ رهنديون هيون اتان جا ماڻهو ٻُجن واري پشر جا ڪپڙا پائيندا هيا ۽ عورتون پنهنجي لاءِ سٽيءَ [24] مان ڪپڙا ٺاهي پنهنجا ويس وڻا ٺاهيندیون هيون. جرمنيءَ جي جهنگلن ۾ مختلف قسم جا جانور رهندا هئا جن جو شڪار ڪري اتان جا ماڻهو پنهنجي کاڌي خوراڪ جو پورائو به ڪندا هئا ته سندن ورزش [25] به ٿي ويندي هئي. سندن پوائٽن جانورن جا ڏاڍَ خوبصورتيءَ جي ڪري نه پرڪمائتي [26] هجڻ ڪري تمام نمايان هوندا هئا ۽ اُهي ئي سندن دولت جو مکيه ذريعو به هوندا هيا. زمين مان ٿورڙي مقدار ۾ آن پيدا ٿيندو هو؛ چهرائن ۽ چراگاهن جي استعمال کان جرمنس ناواقف هئا ۽ نه وري زراعت جي شعبي ۾ اسان منجهائن کا بهتريءَ جي اُميد رکي سگهون ٿا جن جي زمينن ۾ هر سال کا نه کا

تبديلي ضرور ايندي هئي جو تہ کا زمين پوک لائق هوندي هئي ۽ کا بلڪل غير آباد هوندي هئي، پر ان سلسلي ۾ هو جهڳڙن ۾ پوڻ کان ڪيهائيندا هيا توڙي ڪٿي سندن زمينون غير آباد ۽ پوک ڪرڻ [27] کان سواءِ بيڪار بٹيل هوندیون هيون.

جرمني ۾ سون، چاندي ۽ لوهہ تمام گهٽ يا نہ هئڻ جي برابر هٹا. سندن جهنگلي رهواسين پنهنجي عقل ۽ صبر سکون سان چانديءَ جي اُنهن ذخيرن بابت معلومات ڪرڻ شروع ڪري ڏني جن ۾رنسوڪ ۽ سئڪسني جي شهزادن جو وڏيڪ ڏيان ڇڪرايو آهي. سئيڊن جيڪو هاڻي يورپ کي لوهہ مهيا ٿو ڪري، خود پي پنهنجن ذخيرن کان بيخبر هو ۽ جرمنيءَ جي هٿيارن جي ظاهر ٿيڻ سان ان ڳالهہ جو ثبوت ملي ويو آهي تہ ان منجهان هو ڪيترو ٿورو لوهہ ٻين کي ڏيندا هٹا جيڪو هاڻي سندن نظر ۾ فائدي وارو هو. اَمن ۽ جنگ جي ڏنڊن ۽ معاهدن ذريعي ڪجهہ روم جي سِکن (گهٽو ڪري چانديءَ جا) جي ماٹهن کي خبر پئي ۽ گهٽو ڪري اُنهن کي جيڪي رائين ۽ دنيوب جي ويجها هيا ۾ جيڪي پري جون قومون ۽ قبيلا هٹا، اُنهن کي پٹسن جي کا خبر کانہ هئي ۽ اُهي پنهنجي هلت چلت زميني ۽ ٻين جنسُن جي محدود مٹاسٹا تي پيا هلائيندا هيا ۽ پنهنجي مِٹيءَ جي ٿهيل ٽانوَن تي فخر ڪندا هٹا ۽ اُنهن کي چانديءَ جي ٿهيل شين سان پيتائيندا هيا جيڪي سندن شهزادن ۽ سفيرن لاءِ روم کان موڪليل تحفا هوندا هيا. [28] اُهو دماغ جيڪو سوچي ۽ غور ڪري ٿو تہ هن قسر جون بنيادي حقيقتون، فضول ۽ ڏکهين ڳالهين جي بجاءِ، هڪ سِڪيا ۽ رهبريءَ جي برابر آهن. پٹسن جي قدر ۽ قيمت جي معاملي کي ماٹهن جي گڏيل مرضي ۽ اسان جي گُهرجن ۽ ملڪيت مطابق اهڙي طريقي سان حل ويو آهي جهڙيءَ طرح لکڻ پڑهڻ کي اسان جي خيالن جي اظهار لاءِ ايجاد ڪيو ويو هو ۽ هنن ٻنهي ادارن انساني فطرت جي جڏبن ۽ طاقتن کي وڏيڪ توانائي ڏيندي، اُنهن مقصدن ۽ تجويزن جي دائري کي ايڏا ٻہ وڏيڪ وسيع ڪيو آهي جن لاءِ اُهي ادارا وجود ۾ آيا هيا. سون يا چانديءَ جو استعمال گهٽو ڪري هٹرادو آهي پر اهو نا ممڪن ٿو لڳي تہ لوهہ جي تمام اهر فائدن ۽ خدمتن کي پوريءَ طرح ڳٹائي سگهجي جيڪي اُن جون زراعت ۽ ٻين مختلف شعبن ۾ ٿيل آهن: خاص طرح جڏهن ان کي باهہ جي تئوءَ تي پگهاري انساني هٿن جي ڦُڙتي ۽ مهارت مان گذرڻ ٿو پوي تہ پوءِ ويهي ڏسجي تہ ان مان چاڇا نٹو ٿهي. پٹسي جو جيتري قدر تعلق آهي تہ اهو هڪ آفاقي بَيَ يا چُرچَ مثل ٿي ويو آهي پر لوهہ جيڪو انساني صنعت جو نهايت ئي طاقتور هٹيار آهي، تہ لڳي ٿو تہ ان کانسواءِ انسانَ جن جو ڪو ٻيو همٹائڻ وارو نہ هجي ها تہ اُهي جيڪي وحشي پٹي جي آخري حدن [29] تائين پهتل هيا، ڪيئن ان مان ٻاهر اچي سگهن ها.

جيڪڏهن اسان دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ ڪنهن وحشي وصفن واري قوم جو جائزو وٺون تہ اُنهن جي اخلاق عادتن ۾ انتها کان بہ ڪجهہ اڳيئن درجي واري ڪاهلي، سُستي ۽ پنهنجي آئيندي کان بنهہ بيءَبري نظر ايندي. جڏهن تہ هڪ مهذب معاشري ۾، انسان جون سڀ تخليقي قوتون وڌن ويجهن ۽ ڪر ڪرڻ لڳن ٿيون ۽ هڪ ٻئي تي ياڙڻ يا مدد ڪرڻ وارو سلسلو ڪيترن انسانن کي هڪ ٻئي سان ملائي ٿو ڇڏي ۽ سيئي ماٹهو هڪ معاشري جا ميمبر لڳن ٿا. ان معاشري جي وڏي حصي جا ماٹهو دائمي ۽ ڪارآمد محنت مزدوريءَ ۾ لڳي وڃن ٿا. ڪي تمام ٿورڙا، جن کي ضرورت کان وڏيڪ پاڳ جو سات نصيب ٿئي ٿو، اُهي پنهنجو وقت مختلف شغلن، پنهنجي شانَ کي وڌائڻ، پنهنجي ملڪيت جي سار سنيار لهڻ ۽ ان کي بهتر بنائڻ يا پنهنجي سوچ سمجهہ کي وڏيڪ ڪارآمد بنائڻ ۽ پنهنجين

خوشين توڙي حماقتن سميت معاشري ۾ خوش گذارين ٿا. جرمنس انهن مختلف قسمن جي خوبين کان خالي هئا. گهر ۽ ٻچن جي سنيال، زمين ۽ جانورن جي نظرداريءَ جو نظام پوڙهن، ضعيفن، عورتن ۽ غلامن جي حوالي ڪيو ويو هيو. سندن سُست ۽ ڪاهل ويڙهاڪ، جن وٽ پنهنجي فرصت جي گهڙين کي گذارڻ جو ڪو سليقو يا عقل نه هو، جانورن وانگر پنهنجا ڏينهن ۽ راتيون نِندون ڪندي ۽ ڪائيندي پئيندي گذارينداَ ۽ خوش ٿيندا هيا. وري فطرتن جو عجيب تضاد ڏسو (هڪ ليکڪ جي تبصري موجب جنهن سندن اوندهين فرصت جي گهڙين جو غور سان مشاهدو ڪيو هو) ته ساڳيا بربر يا جهنگلي انسانذات ۾ ڪڏهن ته انتهائي ڪاهل آهن ۽ ڪڏهن وري بيحد ٿي بي صبرا ۽ چُست ٿيو ٿا وڃن. اُهي سستيءَ ۾ خوش ٿين ٿا ۽ سانت سڪون کان بُڃان ڪن ٿا. [30] هڪ ڪمزور شخص جيڪو پنهنجي بارَ کڻڻ کان بہ بيزار هجي تنهن ۾ هڪ طاقتور ۽ نئين روح ڦوڪڻ جي ضرورت رهي ٿي: ۽ جنگ ۽ خطري جي حالت اهڙي پوائتي ۽ تيز طبيعت رکندڙ ماڻهن لاءِ وڏي وِندر جو سامان هوندو هو. اُهو آواز جيڪو ڪنهن جرمن کي هٿيار کڻڻ لاءِ سڏيندو هو ته هو اُن ڪَنَ جو شڪر گذار رهندو هو. اُهو ڪيس سندس تڪليف ڏيندڙ ڪاهليءَ مان جاڳائيندو هو، ڪيس توانائي بخشيندو هو ۽ سخت جسماني ورزش ۽ انتهائي زوردار دماغي جذبن ۽ جهٽڪن ذريعي ڪيس سندس وجود جي صحت بخش ۽ تازگيءَ واري احساس طرف واپس وڃي ويندو هو. امن امان جي ڪاهلي وارين گهڙين ۾ اهي بربر شڪار ڪرڻ ۽ شراب پيئڻ جا نہ رهيو عادي ٿي ويندا هيا پر اعتدال ۽ شائستگيءَ جون حدون بہ اورانگهي ويندا هيا: ۽ ٻئي عادتون مختلف طريقن سان، يعني هڪڙي سندن جذبن ۽ اڌمن ۾ آڙاهہ ٻاري ڏيندي هئي ته ٻي سندن هوش ۽ سمجهَہ جي صلاحيتن جي چٽنگ ڪي وسائي چڏيندي هئي ۽ ٻيئي گڏجي ڪيس سوچڻ جي سوڙن کان آجو ڪري چڏيندیون هيون. هو سڄيون راتيون توڙي ڏينهن ٽيبل جي چوڌرڊ گذارڻ ۾ خوش ٿيندا هئا، جنهن ۾ سندن دوستن يا عزيزن جو رَتُ ريلا ٿي وهڻ لڳندو هو جو ته سندن ڏَت نشي جي حالت ۾ هو بيهوش ۽ بيخبر رهندا هئا. [31] سندن هڪ ٻئي ڏي قرض (جيڪي جيئن اسان تائين معلومات آئي آهي ته راند کيڏڻ جا) هو پنهنجي پوري ايمانداريءَ سان واپس ڪندا هئا. سڀي بازَ، جيڪو آخري ڇڪو هڻي. پنهنجي ذات ۽ آزاديءَ کي بہ داوَ تي لڳائي چڏيو هو، پنهنجي قسمت جي فيصلي کي خاموشيءَ سان مڃي ويندو هو ۽ زنجيرن ۾ جڪڙجڻ يا کيڏي بہ کيس سزا ملي ته هو ان کي قبول ڪندو هو ان حد تائين جو غلام ٿي ڏورانهين ڏيهَہ وڃڻ جي سزا بہ قبول ڪندو هو ۽ اها سزا کيس هڪ ڪمزور ماڻهو ڏيندو هو پر هاڻي هو طاقتور هو ڇو ته سندس مقابلي ۾ هو وڌيڪ پاڻ ۾ پريو ثابت ٿيو هو. [32]

تمام تيز قسم جو بِير- هڪ قسم جو عرق جيڪو ڪڪ يا جَوَن مان وڏي مهارت سان ٺاهيو ويندو هو ۽ ان کي وري اهڙيءَ طرح بگاڙيو ويندو هو (جيئن ان کي زور دار طريقي سان ٽئسيٽس ڪوني ٿو) ته جيئن ان مان شراب نهي پوي: بس اُهو جرمن ماڻهن لاءِ بيهودي عياشي ۽ شراب خوريءَ جو وڏي ۾ وڏو مقصد پورو ڪندو هو. پر اُنهن جن انلي جي اعليٰ قسر جي ۽ پوءِ گال جي شرابن جي ذائقن جو لطف ورتو هو ته اُهي تڏو ساهہ پري ٻيهر ان نشي ۾ مست ڪندڙ شراب جي طلب ڪندا هئَا. اُهي اها ڪوشش نہ ڪندا هئا (جيئن اهڙي قسر جي ڪوششن ڪاميابيون ماڻيون آهن) ته رائين ۽ دنيوب جي ڪنارن تي انگور جو وَليون پوکي ان کي وڏو ڪن: ۽ نہ وري سندن اهو ارادو هو ته ان کي صنعت ٺاهي اُن کي اَپَت يا وٽج واپار جو ذريعو بنائجي. جيڪو ڪجهہ هٿيارن ذريعي ڪسيو وڃي ته ان کي محنت ۽

منٽن سان واپس ڪجي. اهو جرمن غيرت جي بلڪل خلاف هو.[33] تيز شرابن واپرائڻ لاءِ گاگهه شرابين واري اُڄ بربرن کي اُنهن صوبن تي حملن ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو هو جتي جتي فطرت طرفان اهي تحفا موجود هيا ۽ جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهو آتا رهندا هيا. تَسڪن جيڪو پنهنجي ملڪ سان غداري ڪري ڪلٽين ڏانهن هليو ويو هو تہ قومن کي اتلي ڏانهن لڏيڊ ميوَن ۽ طرح طرح جي ذائقن وارن شرابن ذريعي هرکايو ويو جيڪي خوشنما موسر جو پيداوار هٿا.[34] ساڳيءَ ريت جرمني جي مددگار فوجن کي سورهين صديءَ ۾ جڏهن فرانس وڃڻ جي دعوت ڏني وئي هئي تہ جيئن اُتي خانہ جنگيءَ ۾ ناپُر اچي تہ اُهي بہ شراب جي عمدن قسمن ۽ ان جي گهٽي هجڻ سبب هرڪجي شٽمپين ۽ برگنڊي[35] جي صوبن ڏانهن هليا ويا هيا. گهاگهه شرابي ٽيڊ جي ڪيفيت جيڪا اسانجي بيحد تنگ نظري واري خراب علت آهي پر هروپرو ايڏي خطرناڪ بہ نہ آهي، تنهن هوندي بہ انسانذات جي گهٽ تهذيب يافتہ خِطن ۾ ڪڏهن لڙاين، جنگين ۽ انقلابن برپا ڪرڻ جو سبب بڻي آهي.

اوائلي جرمني جو موسر هاڻي وڃ ٽرو ٿي ويو آهي ۽ زمين بہ آباد ٿي چڪي آهي جيڪو چارليمٽگني کان وٺي ڏهن صدين جي محنت جو ثمر آهي. ساڳي زمين، جيڪا اڇلهہ لکين آبادگارن ۽ هنرمندن کي آرام ۽ آساني سان پالي رهي آهي، اُها فقط هڪ لک ڪاهل ويڙهاڪن کي زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون[36] بہ پوريون نہ ڪري سگهندي هئي. جرمنس پنهنجن تمام وڏن ٻيلن کي بيڪار سمجهي ڇڏي ڏنو جن ۾ هو فقط شڪار ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو فائدو نہ ونندا هٿا. بيحد پوک لائق زمينن کي هنن فقط جانورن جا چراگاهہ ٺاهي ڇڏيو هو ۽ جيڪا زمين بچي وئي هئي ان تي بہ بغير محنت جي پوک ڪيائون ۽ پوءِ زمين طرفان ڪل نہ ڏيڻ ۽ ان جي اڻپوري هجڻ جو مٿس الزام ڏنائون تہ اُها ان جي لکين رهواسين کي پالڻ لاءِ ناڪافي هئي. جڏهن وٽن ڏُڪر جي حالتن ٻيهر مُنهن ڏيو ۽ فنَ ۽ هنرن جي اهميت بابت کين احساس ڏياريو تہ سندن خوش قسمتي هئي جو قومي عذاب مٽائڻ فقط هنڪري ٿري ويو جو سندن نوجوان نسل جو ٽيون يا ايڪا بہ شايد چوٿون حصو ملڪ کان ٻاهر هليو ويو.[37] ملڪيت رکڻ ۽ ان جو مزو ماڻڻ ڇڪ هڪ عزم آهي جيڪو هڪ بهتر ملڪ ۾ مهذب ماڻهن کي سانت سکون ۾ گڏجي رهڻ لاءِ اُتساهيندو آهي. پر جرمنس هر اُها شئي پاڻ سان گڏ کڻي هلندا هٿا جيڪا کين پياري هوندي هئي: جيئن سندن هٿيار، جانور، سندن زالون وغيره ۽ خوشيءَ سان پنهنجن ٻيلن جي سانت کي ڦُرمار ۽ فتحن ڪرڻ جي يقيني آسري تي ڇڏي هليا ويندا هيا. قومن جي تمام وڏي ميوَ مان جيڪي ماڻهن جا لشڪر نڪرندا هٿا يا نڪرڻ وارا هوندا هيا اُهي، فتح ٽيل قومن جي خوف کان ۽ ايندڙ نسلن جي ساده مزاجيءَ کان ايڪا بہ تعداد ۾ وڏي ويندا هيا. جيڪي حقيقتون نوڙيءَ مان نانگ وانگر وڏائي اسان تائين پهتيون آهن، ان منجهان هڪ راءِ جو اظهار ڪيو ويو هو ۽ جنهن راءِ جي بعد وارن مشهور ليکڪن تائيد بہ ڪئي آهي تہ سيزر ۽ ٽئسيٽَس جي زماني ۾ اُترين علائقن جا رهواسي تعداد ۾ ايترا تہ گهٽا هيا جو اسان جي دؤر ۾ اُهي ايترا نہ آهن.[38] جڏهن اڄتي هلي هن حقيقت جي، ڳوڙهي اپياس ذريعي ڇڪيءَ طرح چنڊ ڇاڻ ڪئي وئي تہ جديد فيلسوفن ان دعويٰ کي ڪوڙ تي ٻڌل هڻڻ جو فيصلو ڏنو ۽ ماڻهن جي ايڏي وڏي آدمشماريءَ جي انگَ کي ناممڪن ڪوٺيو ويو. جتي هن سلسلي ۾ مٿريانا ۽ مٽڪياول[39] جا نالا اچن ٿا تہ اسان اُنهن جي مقابلي وارن ساڳي اهميت وارن نالن رابرٽسن ۽ هيوم[40] جي بہ مخالفت ڪيون ٿا.

جرمنس جهڙي وڙهاڪ قوم، جن وٽ نه ته شهر هٿا نه وري ڪين پڙهڻ لکڻ يا ڪنهن هنر يا ڪاريگري جو ڪو لڇڻ به منجهن هو ۽ نه وري وٽن پئسو هو، پر هو فقط پنهنجي وحشي پڻي واري آزاديءَ جي حالت ۾ بس خوش ۽ مست مگن رهندا هٿا. سندن مفلسيءَ ڪين آزادي ڏياري، جو ته اسانجون خواهشون ۽ مال ملڪيتون آمريت جون مضبوط ٻيڙيون آهن جن ۾ اسان جڪڙيل رهون ٿا. "سِيونس (Suiones) وارن وٽ، (ٽئسيٽَس چوي ٿو) دولت ڪي وڏي عزت سان ڏنو ويندو آهي. اُهي پنهنجي بادشاهه جي حوالي ڪي ويندا آهن جنهن وٽ پورا اختيار هوندا آهن، جيڪو پنهنجي عوام کي هٿيارن جي آزادانه استعمال جي بجاءِ، جيئن باقي جرمني ۾ ان جو استعمال ڪيو ويندو آهي، ان کي شهرين توڙي ٻين آزاد انسانن جي بجاءِ، غلامن جي حوالي ڪيو ويندو آهي. سِيونس جا پاڙيسري سِٽونس (Sitones) ته غلامي جي انتها درجي تائين هليا ويا آهن جو اُهي هڪ عورت جي فرمانبرداري ڪن ٿا."[41] هنن غير معمولي حوالن کي بيان ڪرڻ سان وڏو تاريخدان هڪ لحاظ سان حڪومت جي اصولن کي مڃي ٿو ۽ اُنهن جو اعتراف ڪري ٿو. اسان فقط اها ڳالهه سمجهڻ کان قاصر آهيون ته دولت ۽ آمريت طرف رغبت اُتر وارن پرانهَن پنڌَن تائين آسانيءَ سان ڪيئن پهچي وئي ۽ ڇو اُن شعلي کي وِسايائين جيڪو روم جي صوبن ۾ چمڪندڙ ۽ تيز روشنيءَ سان ٻري رهيو هو، ۽ ڪيئن ڊينمارڪ ۽ ناروي جا اُهي ماڻهو، جن جي ابن ڏاڏن کي ان ڳالهه تي جائز فخر هو ته ڪين اڄ تائين ڪنهن به شڪست نه ڏني هئي، جرمن قوم جي آزاديءَ کي قائم رکڻ جي عظيم ڪردار جي سلسلي ۾ بزدليءَ جو مظاهرو ڪندي پٺتي هٽي ويندا. [42] ڪجهه قبيلا جيڪي بالٽڪ جي ڪناري جي پروارن علائقن جا رهواسي هٿا، بادشاهن جي اختيار کي مڃيندا هٿا پر ساڳي وقت انسانن جي بنيادي حقن تان به هٿ نه ڪڍندا هٿا؛[43] پر جرمنيءَ جي تمام وڏي حصي ۾ حڪومت جمهوري طرز جي هئي جنهن ۾ حڪومت جو لاڙو ۽ نظام، عام ۽ فائدي وارن قانونن مطابق نه ٿي. ڪنهن شخص جي اوچي نسل واري جنَم، بهادري، زبان جي فصاحت بلاغت ۽ وهر وسوسي جي روايتن موجب هلندو هو. [44]

پهرين ادارن ۾ شهري حڪومتون پنهنجي بچاءَ جي سلسلي ۾ پاڻمرادين تنظيمون هونديون آهن. گهربل نتيجي حاصل ڪرڻ لاءِ اهو بيحد ضروري آهي ته هر فرد پنهنجي لاءِ اهو لازمي سمجهي ته پنهنجي ذاتي راءِ يا عمل کي هو اُن تنظيم جي گهٽن ميمبرن ڏانهن موڪلي ته جيئن سندس ذاتي راءِ جي منظوري اُن تنظيم يا ايسوسيئشن کان حاصل ڪري سگهجي. جرمن قبيلن لاءِ هيءَ پابندي توڙي جو ڪجهه ڏکي هئي پر پوءِ پي هو سياسي سوسائٽي جي هن فراخ دليءَ واري سرشتي ۾ خوش هيا. آزاد ماڻهن جي ٻاول ٻارَ جڏهن جوان ٿي پنهنجي جوين ۾ پير پاتو ته پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي جنرل ڪائونسل سان سندس تعارف ڪيو ته فورن هڪ شيلڊ ۽ هڪ نيزو ڪيس ڏنو ويو ۽ هو ملٽري جي گڏيل ملڪيت جو برابري ڪندڙ ۽ معزز ميمبر بڻجي ويو. وڙهاڪ قبيلن جي اسيمبليءَ جو اجلاس، مقرر ٿيل موسم ۾ يا وري اوچتين هنگامي حالتن ۾ سڏرايو ويندو هو. عوامي ڏوهن جا ڪيَس، مئجسٽريٽ جي اليڪشن ۽ آمن توڙي جنگ ۾ حڪومتي وهنوار جا مسئلا، اُن جي آزادانه آواز ذريعي حل ڪيا ويندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن جيڪي مڪيه سوال هوندا هيا ته اسيمبليءَ ۾ آڻڻ کان اڳ اُنهن کي، خاص ۽ اهم اڳواڻن جي چونڊيل ڪائونسل ۾ بحث مباحثي لاءِ آندو ويندو هو. [45] مئجسٽريٽ تقرير ڪري قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هٿا، ماڻهو عزم ڪري پوءِ عمل ڪندا هٿا پر جرمنس جون تجويزون ۽ ارادا گهٽو ڪري اُبهرا ۽ طبيعت جي تيزيءَ وارا هوندا هٿا. بريرَ جيڪي پنهنجي

آزاديءَ وسيلي پنهنجن موجوده جذبن ۽ احساسن کي خوش رکڻ جا عادي هئا ۽ ايندڙ وقت جي هر نتيجي کي نظر انداز کرڻ ۽ ان جي کا پرواھ نہ کرڻ جي سندن جرئت، سخت کاوڑ ۽ نفرت مان، انصاف ۽ پاليسيءَ جي احتجاجن کان هڪدم دور هٽي وئي: اهو تڏهن دستور هوندو هو ته هو پنهنجي نفرت کي نمايان کرڻ لاءِ خالي پُڙ پڙ ذريعي اظهار پيا کندا هئا جيڪا کين پنهنجي کائونسل جي بزدلانہ ميڙن کان سندن دل ۾ موجود هئي. پر جڏهن به کنهن مشهور تقرير جي ماهر کين مشورو ڏنو ته هُو ننڍي ۾ ننڍي شهريءَ کي به ڏارين يا پنهنجن طرفان رَسيل ايذاءَ يا پهتل ڏُکَ جو ازالو کندو، يا وري هو کو اهڙو کر کندو جنهن ۾ خطرو به هو ته قومي وقار جي بلندي به ان ۾ شامل هئي، ته اهڙي جذباتي گهڙيءَ ۾ شيلڊون ۽ نيزا هڪ ٻئي سان ٽڪرائي اسيمبليءَ جي دادَ ۽ ان جي منظوريءَ جو خوشيءَ جو اظهار کيو ويندو هو. جيئن ته جرمنس سدائين هٿيارن ۾ ملندا هئا ته اها ڇڙ دائمي خطري جي گهنٽي هوندي هئي ته متان کو ماڻهن جو گمراھ هجوم کنهن جذبي جي باھ ۽ تيز شراب جي طاقت تي اُهي هٿيار اوچتو استعمال ۾ آڻي ڇڏي ۽ پنهنجن خطرناڪ جنگي ارادن ۽ جُنون جو اظهار کري ڇڏي. اسان کي جگيءَ طرح ياد ٿو اچي ته کيئن نہ اکثر کري پولنڊ وارن جو کاڏو خوراڪ به رَت جي گندگيءَ ۾ بدلجي ويندو هو ۽ جيڪي تعداد ۾ گهٽا هوندا هئا اُهي اُنهن هٿان شڪست کائي ويندا هئا جيڪي وڏيڪ خونخوار، تيز ۽ فسادي طبيعت جا هوندا هئا. [46]

کنهن به خطري جي موقعي تي هڪ قبيلي جي جنرل کي چونڊيو ويندو هو: ۽ جيڪڏهن خطرو تمام اوچتو ۽ خطرناڪ نوعيت جو هوندو هو ته پوءِ مختلف قبيلن جي گڏيل مرضيءَ سان جنرل کي چونڊيو ويندو هو جيڪو گهٽو کري ساڳيو ئي هوندو هو، جيڪو به نالياورو بهادر شخص هوندو هيو ته انکي پنهنجي ملڪ جي ماڻهن طرفان، سندس بهاديريءَ جي مثالن کي سامهون رکندي، جنگ جي ميدان ۾ اڳواڻي کرڻ لاءِ چونڊيو ويندو هو. پر هي اختيار پلي کيترو به محدود ئي سهي پر اُهو ماڻهن جي ناراضگيءَ جو باعث ٿي سگهيو ٿي. اهو جنگ جي خاتمي سان خود به ختم ٿي ويندو هو ۽ اَمن اَمان جي زماني ۾، جرمنس کنهن کي به پنهنجو وڏو سردار يا منهندار نہ سمجهندا هئا. [47] شهزادن کي بهرحال جنرل اسيمبلي ۾ انکري مقرر کيو ويندو هو ته ماڻهن کي انصاف ڏيارين ۽ اُنهن جا سندن ئي ضلعن اندر اختلاف ختم کرائن. [48] مئجسٽرين جي چونڊ کرڻ وقت ڇَرَ جي اصل نسل کي به اوتري ئي اهميت هوندي هئي جيتري انسان جي اهليت ۽ لياقت جي هوندي هئي [49] پبلڪ طرفان هر هڪ کي گارڊ ڏنو ويو هو ۽ هو سؤ ماڻهن جي کائونسل جو سربراھ هوندو هو ۽ هن سلسلي ۾ جيڪي شهزادا پهرين کيپ ۾ مقرر ٿيا ته اُنهن جو تمام وڏو مان شان ۽ مرتبو رهيو جنهن رومين کي به هرکايو ته کين شاهي خطاب سان نوازيو وڃي. [50]

مئجسٽرين جي اختيارن جي مقابلي واري جائڙي جا ٻه نمايان مثال ئي جرمن رهڻي ڪهڻي ۽ هلت چلت جي سرشتي کي سمجهائڻ لاءِ کافي آهن. زميني ملکيت جي خريداري تورڙي وکري جا اختيار سندن ضلعي ۾ سندن ئي هٿن ۾ هئا، ۽ اُهي اُنهن کي نئين ورهاست جي اُصول موجب ورهائيندا هيا. [51] ساڳي وقت کين نہ کنهن کي موت جي سزا ڏيڻ جو اختيار هو، نہ کنهن کي جيل ۾ بند کرڻ جو. ويندي ان حد تائين جو کنهن به شهريءَ کي هو ڏڪ هٽڻ جو اختيار به نہ رکندا هئا. [52] ماڻهو جڏهن پنهنجن ئي ماڻهن کان حسد رکندا هجن ۽ پنهنجين ملکيتن بابت نہ کين

کو اونو هجي نہ کا پرواهَ تہ اهڙا ماڻهو پوءِ ڪنهن بہ هنر، ڪاريگري يا فن جي نعمتن کان محروم هوندا آهن ۽ اُنهن کي فقط عزت ۽ آزاديءَ جي وقار جو احساس خوش ۽ مست مگن رکندو آهي.

جرمنس فقط اُنهن ڪمن ۽ ڏيوٽين جي عزت ڪندا هئا جيڪي هو پاڻ سرانجام ڏيندا هئا. هڪ نامعلوم سپاهي بہ مئجسٽريٽ جي اختيارن کي، نفرت وچان ڏسندو هو ۽ ان کي نہ مڃيندو هو. معزز نوجوان ان ڳالهہ کان نہ رڳو بچان ڪندا هئا پر ڪاوڙ ۾ تپي ڳاڙها ٿي ويندا هيا جيڪڏهن سندن نالا وڏن اميرن يا سردارن جي سائيءَ طور لسٽ ۾ شامل ڪيا ويندا هيا توڙي جو سندن خدمتون ۽ هٿيار اُنهن کي ئي سؤنپيل هوندا هيا. ساڻين ۾ هڪ سٹي مقابلي جي رسم هلي پئي تہ پنهنجي سرواڻ وٽ چٽا پيٽيءَ ۾ جيئن پهرئين نمبر تي اچن: ۽ وري سرواڻن جي وچ ۾ مقابلو اهو طئي ٿيو تہ جيڪو سرواڻ گهٽي ۾ گهٽا وفادار ۽ بهادر سائي پاڻ سان گڏ رکندو تہ اُهو ئي پهرئين نمبر تي هوندو. سدائين نالياورن نوجوانن سان وکوڙيل هٽڻ جي ڪيفيت، سرواڻن يا سردارن لاءِ وڏي فخر ۽ طاقت جو باعث هڪ طرف تہ امن جي وقت ۾ زيور ۽ جنگ ۾ سندن ڍالَ جي برابر هئي. اهڙن فخر لائق سپوتن جي شان مان ۽ ڏاکي جي شهرت سندن پنهنجن قبيلن جي محدود دائري کي پار ڪري پرانهَن خطن تائين پهچي وئي. سفارتخانن طرفان سندن خدمت ۾ تحفا موڪليا ويا ۽ اُنهن سان دوستي رکڻ جي خواهش جو هر طرف کان اظهار ڪيو ويو ۽ سندن هٿيارن جي شهرت ايتري تہ وڏي وئي جو جنهن بہ پارٽيءَ سان سندن ساڻ رهيو تہ ان جي فتح ڇڻ يقيني سمجهي ٿي وئي. خطري جي گهڙيءَ ۾، سرواڻ لاءِ اها شرمناڪ ڳالهہ هئي تہ بهادريءَ ۾ سندس سائي ڪيس شڪست ڏئي وڃي: ۽ ساڻين لاءِ وري اها ڳالهہ شرمناڪ هئي جيڪڏهن هو پنهنجي سرواڻ جي بهادريءَ جي برابر نہ ٿي سگهن. جنگ ۾ شڪست کان بچي وڃڻ بہ ڇڻ هن تي اهڙو بدنما داغ هو جيڪو هرگز مٽجي نٿي سگهيو. پنهنجي ذات جي حفاظت ڪرڻ ۽ پنهنجي شان کي پنهنجن ئي ڪارنامن جي ترافين ۽ انعامن سان سجائڻ ۽ چمڪائڻ سندن مقدس فرضن ۾ شامل هوندو هو. سرواڻ فتح حاصل ڪرڻ لاءِ مقابلي ۾ شريڪ ٿيندا هيا ۽ سندن سائي وري سرواڻ لاءِ وڙهندا هيا. جڏهن بہ سندن ملڪ، اُمن جي ڪاهلي ۽ سستيءَ ۾ ٻڏڻ لڳندو هو تہ باوقار ويڑهاڪ پنهنجن ٽولن کي ويڑهہ ۽ تحرڪ ۾ مصروف رکندا هئا تہ جيئن چُرپر ۽ تحرڪ واري فضا قائم رهي، ۽ پوءِ هو ڇاڻي واڻي خطرن کي سَڏ ڪري پنهنجي بهادريءَ جي نالي کي قائم رکندا هئا. سپاهين جي عظمت مطابق تحفا، جيئن جنگي گهوڙو، خونخوار ۽ فتح جو ضامن پالو، اهڙا انعام هيا جيڪي سائي پنهنجن سرواڻن جي دل جي ڪشادگيءَ کان وٺڻ جي اُميد رکندا هئا. سندس مانيءَ واري ميز تي جيڪو جَهجهو ڪاڏو پيل هوندو هو، اُها ئي سندس مهمان نوازي بہ تہ اُهو ئي سندن پگهار بہ هوندو هو جيڪو هو ڏئي سگهندو هو ۽ هو قبول ڪري سگهندا هئا. جنگ، تباهي ۽ دوستن طرفان اهڙيون مفت جون آڇون، ڪجهہ اهڙو مواد هو جيڪو هو سخا طور ڏيندا هئا. [53] هي ادارو، جيڪو حادثاتي طور تي ڪيترين ئي حڪومتن کي ڪمزور ڪري سگهي ٿو، پر جرمنس جي عمومي ڪردار کي ان نئين طاقت بخشي چڏي هئي: ۽ سندن اهڙين وصفن ۽ عادتن کي وڌيڪ پختو بنايو جيڪي بربرن جون ڪمزوريون هونديون آهن. يقين ۽ بهادري، مهمان نوازي ۽ فضيلت هي اهڙيون وصفون آهن جيڪي دليري ۽ جوانمرديءَ جي دؤرن کان پوءِ بيحد نمايان رهيون آهن. مانائتا تحفا، جيڪي سرواڻ پنهنجن بهادر ساڻين کي عطا ڪندا هئا، هڪ ذهين ليکڪ اُنهن کي جاگيرُن جي پهرين شروعات سڏيو

آهي جيڪي روم جي صوبن جي فتح کانپوءِ بربرن جي سردارن طرفان سندن غلامن ۽ ورهايون ويندیون هيون جڏهن اُهي تابعداريءَ جي ڏيوٽي ڏيڻ سان گڏ مليٽري ۽ به پنهنجون خدمتون بجا آڻيندا هيا. [54] هن قسر جا شرط ۽ حالتون، جرمنس جي ڪردار، اصولن ۽ حالتن جي بلڪل اُبتڙ آهن. جيڪي هڪ ٻئي کي تحفا ڏئي خوش ٿيندا هٿا ۽ ان ۾ نہ ته ڪنهن تي احسان جَتائيندا هٿا ۽ نہ وري ٻي تي ڪنهن مهرباني ڪرڻ جو رتيءَ ماتر به تاثر ڏيندا هٿا. [55]

مثالي سورمن جي وقت ۾، يا ايڏا به عاشقيءَ واري زماني ۾، سڀ مرد بهادر هوندا هيا ۽ سيئي عورتون پاڪدامن هونديون هيون: جيتوڻيڪ پوئين اخلاق جو حاصل ٿيڻ ۽ محفوظ رهڻ پهرئين جي مقابلي ۾ وڌيڪ ڏکيو آهي، اها ڳالهه پوءِ به قديمي جرمنس جي زالن لاءِ پوري تصديق سان چئي سگهجي ٿي. سواءِ شهزادن جي، گهٽين زالن پرٽجڻ جو رواج بلڪل ڪو نہ هو ۽ اُنهن ۾ اها رسر فقط پنهنجن رشتن ۽ تعلقن کي وڌائڻ ۽ وسيع ڪرڻ خاطر هئي. طلاق ڏيڻ جي قانون ۾ ته نہ، پر اخلاقي ۽ روايتي طرح سان سخت منع ٿيل هئي. زناڪارين تمام گهٽ هوندیون هيون پر ان جي باوجود اهو وڏو جرم هوندو هو جنهن جو ڪفارو ادا نہ ٿي سگهندو هو ۽ نہ وري ٻي کي بدڪاريءَ لاءِ گمراهه ڪرڻ جو ڪو مثال موجود هو ۽ نہ وري ان جرم جو ڪو فئشن هو. [56] اسان جي مشاهدي موجب ٽئسيٽس هڪ جائز خوشيءَ کي بربرن جي عمومي اخلاق جي خلاف ٿو سمجهي جيڪو هن روم جي بدڪار عورتن جي روَيي ۾ محسوس ڪيو هو: ان جي باوجود ڪجهه حالتون اهڙو رُخ اختيار ڪن ٿيون جو اُنهن منجهان جنسي تعلقات يا جرمنس جي پاڪدامنيءَ بابت سڄ جو گمان ٿئي ٿو يا اهڙو امڪان ضرور نظر اچي ٿو.

جيتوڻيڪ تهذيب ۽ تمدن جي ترقيءَ باعث انساني فطرت جي خطرناڪ جذبن ۾ ڪافي حدتائين ٽاپُر آئي آهي، پر جيتري قدر پاڪدامني جو تعلق آهي، ان ۾ گهٽو فرق نہ پيو آهي ڇو ته ان جو وڏي ۾ وڏو دشمن خود انساني ذهن جي نرمي ۽ نفاست آهي، زندگيءَ جون نفاستون انسان کي بگاڙن ٿيون پر جنسي ميلاپ جي سلسلي ۾ بهتري آڻن ٿيون. پيار ۽ محبت جي ٻَڪَ تڏهن وڌيڪ خطرناڪ ٿي وڃي ٿي جڏهن اُها عروج تي پهچي ٿي يا وري انکي بين جذبن ذريعي لِڪايو يا دٻايو ٿو وڃي. حُسن اڳي ئي ظالم شئي آهي، ويتر ڪو حسين ماڻهو سهٽا ڪپڑا پائي، گهمي ڦري ٿو، اُڀي ويهي ٿو ته سندس خوبصورتي ظاهري توڙي تصوراتي طرح اندر ۾ باهه ٻاريو ٿي ڇڏي. عياشيءَ وارا شغل، اڌرات وارا ناچ ۽ رنگ برنگي شهواني نظارا بنادير انسان جي اندر ۾هورا ڪورا برپا ٿا ڪري ڇڏين ۽ سڄو ماحول عورت جي جنسي ڪمزوريءَ تي وڃي ٿو دنگ ڪري. [57] بربرن جون غير مهذب زالون، مفلسي، اڪيلائي ۽ گهريلو ڪر ڪارن جي سخت محنت مشقت سبب، انهن خطرن کان بچيل رهيون. جرمنس جون جُهوپڙيون، جيڪي هر طرف کان ڪليل ۽ هر حسد يا بيهودي نظر آڏو هيون، جنسي وفاداريءَ لاءِ اُنهن جي مقابلي ۾ وڌيڪ محفوظ هيون جيڪي وڏين ديوارن اندر ۽ تالا لڳل گهرَ يا فارس وارن جا حرم هيا. هن سان گڏ هڪ ٻيو به اهم ۽ عزت وارو سبب آهي جيڪو هتي ٻاڻائجي ٿو. جرمنَ پنهنجين عورتن کي قدر ۽ احترام جي نظر سان ڏسندا هٿا ۽ مٿن پروَسو پڻ ڪندا هٿا، هر اهم مسئلي تي اُنهن سان صلاح مصلحت ڪندا هٿا ۽ سندن پختو ايمان هوندو هو ته هنن جي سينن ۾ هڪ اهڙو تقدس ۽ ڊاهپ سمايل هئي جيڪا انساني وصفن کان به مٿاهين هئي. هنن منجهان ڪجهه قسمت جو حال ٻڌائيندڙ جيئن بٽاوين جي جنگ ۾ ويليدا، ديوتا جي روپ ۾ جرمنيءَ جي خطرناڪ قومن کي ضابطي ۾ رکيو هو. [58]

باقي ٻيون عورتون جنكي ديوتائون نہ سمجهيو ويندو هو ۽ نہ ئي پوڄيو ويندو هو، پر انهنكي بہ پورو مانُ ملندو هو ۽ اُهي سپاهين جون آزاد ۽ هڪ جهڙيون ساٿياٽيون هونديون هيون ۽ اڳتي هلي ساٽن شاديءَ جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي ويندڙيون هيون ۽ مڙسن سان گڏجي اُها زندگي گذاريندڙيون هيون جنهن ۾ محنت ۽ خطرو بہ هو تہ وري کين عزت ۽ مرتبو [59] بہ ملندو هو. سندن وڏن وڏن حملن ۾ بربرن جون فوجي ڪٽمپون بيشمار عورتن سان پريل هوندڙيون هيون جيڪي حملن جي پوائتن آوازن ۾ بهادر ۽ بي ڊپيون ٿي اُنهن سان گڏ رهنديون هيون توڙي جو هر طرف تباهيءَ جا منظر هوندا هيا ۽ سندن پُٺن ۽ مڙسن کي زخم بہ رسندا هٿا تہ بہ هو حوصلو نہ هارينديون هيون. [60] جرمنس جون ڏري گهٽ بيهوش ٿيندڙ فوجون، هڪ بہ دفعا وري دشمن تي ڪڙڪي پيون هيون ڇو تہ عورتن جي نااُميدي ۾ بہ اُميد جي جهلڪ هئي ۽ انهن کي موت جي مقابلي ۾ غلام ٿيڻ کان وڌيڪ ڊپ محسوس ٿي رهيو هو. جيڪڏهن ڏينهن ضايع ٿي بہ ڇڪو هو تڏهن بہ عزت سان ۽ پنهنجي هٿن سان پنهنجي پاڻ کي توڙي پنهنجن ٻارن کي هڪ بدڪردار فاتح جي چنبي مان [61] بچائڻ ۽ حفاظت ڪرڻ جو کين سليقو ايندو هو. اهڙي خمير مان ٺهيل سورميون اسان سڀني جي واکاڻ لهڻ ٿيون؛ پر اُهي يقيني طور تي نہ تہ سهڻيون هيون ۽ نہ وري اهڙيون جن کي ڏسي ماڻهو اُنهن سان پيار ڪرڻ شروع ڪري ڏئي. جيئن تہ اُنهن مردن جا زندگيءَ جا سخت طور طريقا سکڻ شروع ڪيا تہ اُنهن کي لازمي طور اُن ڪشش کندڙ طبيعت جي نرمي کي ڇڏڻو پيو هوندو جنهن ۾ خاص طرح عورت جي دلفريب ۽ وٺندڙ ڪمزوري رکيل هوندي آهي. پاٽمرادي اختيار ڪيل فخر جي احساس جرمن عورتن کي پنهنجن نازڪ جذبن ۽ نفيس احساسن کي دٻائڻ سيکاريو هو جيڪي هاڻي سندن عزت ۽ وقار سان مقابلي ۾ اچي بيٺا هيا ۽ جنس جو پهريون وقار پنهنجي پاڪدامني جي حفاظت ڪرڻ هو. وڏو عزم رکندڙ ۽ جسماني طور پُختين اِنهن عورتن کي قوم جي مجموعي ڪردار جو سبب، مقصد، اثر ۽ ايجا بہ ثبوت ڇڪجي تہ بجا ٿيندو. عورتاڻي جرئت پوءِ ڪٿي اُها جنون جي حدّ تائين پهچي وڃي يا عادتن ذريعي ان جي تصديق ٿئي، اها ڪيترين ئي مجموعي بهادرين جو هڪ اَٽ ڇڻو پاڇو آهي جيڪو هڪ دؤر يا ملڪ کي نمايان ڪري تو جنهن ۾ اهڙي مثالي جرئت ملي ٿي.

جرمنس جو مذهبي سرشتو (جيڪڏهن جهنگلين جي ڇڙواڳ تبصرن کي اهو نالو سونهين تو) اُنهن تي اُنهن جي گُهرجن، خطرن ۽ جهالت مطابق مڙهيو ويو هو. [62] اُهي نظر ۾ ايندڙ وڏين شين جي پوڄا ڪندا هٿا جيڪي قدرت جون نمائندگي ڪنديون هيون: سج، چند، باهِ ۽ ڌرتي: ان سان گڏ اُنهن خيالي خدائن جي بہ پوڄا ڪئي ويندي هئي جيڪي سندن نظر ۾ انساني زندگي جي اهم ڪمن کارين ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪندا هٿا. اُنهن کي يقين ڏياريو ويو هو تہ بيوقوفيءَ جي اڳڪٿين ۽ ڪرتبن ذريعي، اُتاهين هستين جي رازن ۽ خواهشن کي معلوم ڪري سگهجي ٿو ۽ ٻيو تہ انساني قربانيون تمام اهم هيون جيڪي سندن قربان گاهن ۾ خلوص سان قبول ڪيون وڃن ٿيون. هڪ داد ۽ تعريف جو جملو ربُ العزت جي مخلوق ۾ مشهور هڪ متاهين خيال لاءِ تڏ تڪڙ ۾ ڏنو ويو آهي جنهن کي نہ تہ هو مندر جي ديوارن اندر بند ڪري سگهن ٿا ۽ نہ انجي ترجماني ڪنهن انساني تصوير ذريعي ڪري سگهجي ٿي؛ پر جڏهن اسان اها ڳالهہ ڌهرايون ٿا تہ جرمنس عمارت سازيءَ جي فن کان نا آشنا هٿا ۽ نقش نگار جي هنرَ کان تہ بلڪل ئي آجا هٿا تہ اسان هن مونجهاري جو فوري طور تي سبب ڄاڻائيندا سين جيڪو دليلن جي وزنائتي هٿڻ سبب نہ پر ذهني ڪوتاهيءَ سبب ضروري ٿي ٻيو آهي. جرمني ۾ مندر اونداها هوندا هيا جن کي ايندڙ نسلن طرفان عزت ۽

احترام سان ڏٺو ويندو هو. سندن ڳجهو غر، جيڪو ان طاقت جي فرضي گهر بابت جنهن کي ڏسي نٿو سگهجي ۽ نه وري ان کي خوف يا عبادت واري ڪنهن شئي وانگر ظاهري طرح پيش ڪري سگهجي ٿو، دماغ کي وڌيڪ اونهي مذهبي خوف [63] ۾ مبتلا ڪري ٿو ڇڏي ۽ پادري، جيڪي مغرور هٿ سان گڏ جاهل پڻ هوندا هيا، ڪين تجربي ذريعي هر هنر سيکاريو ويندو هو جيڪي فقط اُنهن ڳالهين ۽ اثرن کي پاڻ وٽ مضبوط ۽ محفوظ رکندا هئا جيڪي سندن مطلب ۽ مقصد واريون هوندیون هيون.

ساڳي جهالت جنهن بربرن کي کجهه قانوني حڪمن ۽ ضابطن کي سمجهڻ ۽ اُنهن تي عمل ڪرڻ کان پري رکيو آهي، وهمن وسوسن جي انڌن خطرن اڳيان ويتر اُنهن کي اُگهاڙو ۽ غير محفوظ بنائي ڇڏيو آهي. جرمن پادرين، پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي موزون طبيعت کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ خاطر، انسانن جو جسماني طرح به ڇڻ انتظام سنياڻي ورتو هو، ۽ هي اهڙو ڪارنامو هو جيڪو ڪنهن به مئجسٽريٽ ذريعي عمل ڪرائڻ جهڙو نه هو ۽ نه ئي سندس وسَ ۾ هو: ۽ هٿيلي ويڑهاڪ تي ڪيس درست ڪرڻ جو ڇهيڪ جڏهن مٿس وَهايو ويندو هو ته هو انکي صبر سان سهي ويندو هو ۽ ان برداشت ڪرڻ ۾ انساني طاقت جو هٿ نه پر جنگ جي ديوتا [64] جو فوري حڪم هوندو هو جنهن کي مڃڻ ڪانسواءِ ڪيس ٻيو ڪو رستو ڪونه هو. شهري پاليسيءَ جا نقص پادريءَ جي اختيارن وسيلي ۽ سندس ئي مداخلت ذريعي ماڻهن تائين پهچندا هئا. پويون سدائين پنهنجي صبر، سڪون ۽ سڀائيءَ سان ماڻهن سان پيش ايندو هو ۽ اسيمبلين ۾ پڻ سندس سٺو اثر هوندو هو. ۽ ڪڏهن ته ڪيس قومي بهتري ۽ پلائيءَ جي ڪمن ۾ رڌل رکيو ويندو هو ۽ اهڙيءَ طرح سندس ڪمن جي دائري کي وسيع بنايو ويندو هو. مذهبي عقيدت وارو هڪ وڏو جلوس ڪڏهن هاٿوڪن ملڪن ميڪلينبرگ ۽ پوميرئنيا (Mecklengurg & Pomerania) ۾ ڪڍيو ويندو هو. هڪ غير جاتل ڏرتي جي نشاني يا علامت جنهن کي هڪ پردي سان ڍڪيو ويندو هو، ان کي ڏاند گاڏيءَ تي رکي ڪنيو ويندو هو ۽ اهڙي طرح ديوي جنهن جي رهائش گاهه رُوجين جي ٻيٽ تي هئي، پنهنجن پوچيندڙن جي پروارن قبيلن ڏي اڪثر ويندي رهندي هئي، سندس ان سڀني سفر دوران، جنگ جي آوازن کي خاموش ڪيو ويندو هو، جهيڙن جهڳڙن، کي روڪيو ويندو هو، هٿيارن کي ڦٽي ڪيو ويندو هو ۽ هميشه چُپر ڪندڙ جرمنس کي اَمن اَمان ۽ محبتن جي نعمتن کي ماڻڻ جو موقعو ملندو هو. [65] ربَّ سائينءَ جو اَمن، جيئن اڪثر ۽ غير مؤثر نموني يارهين صديءَ جا مذهبي ماڻهو ان کي ڪوٺيندا هئا، قديمي دؤر جي روايتن جي واضح تقليد هئي. [66]

پر مذهب جو اثر، جرمنس جي خطرناڪ جذبن کي، معتدل ۽ ماناري ڪرڻ جي بجاءِ، پڙڪائڻ ۾ وڌيڪ طاقتور ثابت ٿيو. مذهبي جنون جي دلچسپي سندس وزيرن کي به آماده ڪيو ته هو وڏن جرئت وارن پر ناجائز معاملن کي به مقدس بنائي ڇڏين، ان ۾ بهشت جي منظوري ڏيڻ سان گڏ ان ۾ پوري ڪاميابيءَ جو به يقين ڏياريل هو. مقدس بنايل جهنڊن کي، جنجي وهمن وسوسن جي زمانن ۾ تعظيم ڪئي ويندي هئي، جنگ جي مُهڙ ۾ رکيو ويندو هو، [67] ۽ دشمن فوج کي جنگ ۽ گجگوڙ جي ديوتائن طرفان سخت نتيجن پوڳڻ جو ڊپ ڏياريو ويندو هو. [68] سپاهين جي مذهب ۾ (۽ جرمن اهڙائي هيا) بزدلي وڏي ۾ وڏو ۽ ناقابل معافي گناهه هو. هڪ بهادر شخص پنهنجن ويڑهه ۽ جنگ وارن ديوتائن کي پيارو هوندو هو: ۽ اُهو بدبخت جنهن پنهنجي شيلڊ به وڃائي ڇڏي هئي، ان کي پنهنجي ملڪ جا ماڻهو

هميشہ لاءِ پنهنجن مذهبي ۽ شهري اجتماعن مان ڏِڪي ٻاهر ڪري ڇڏيندا هئا. اُتر جي ڪجهہ قبيلن، مرڻ ڪان پوءِ رُوحن جي منتقلي [69] (Transmigration) جي فلسفي ۾ اعتقاد ڪيو هو تہ ٻين وري هڪ وڏي بهشت جو تصور دل ۾ ڌاريو هو جنهن مطابق هو نشي ۾ ڏُت هوندا ۽ دائمي طرح جنت ۾ رهندا. [70] سيئي ان ڳالهہ تي متفق هئا تہ جيڪا زندگي فوجي خدمتن ۾ گذري ٿي يا اُنهن خدمتن دوران کو ماٺهو جنگ ۾ مري وڃي ٿو تہ اِهي ٻئي صورتون هڪ شاندار ۽ خوشيءَ واري مستقبل جون ڇڻ تياريون آهن جنهن جو انعام هِن يا هُن دنيا ۾ ضرور ملڻو هو.

دائمي زندگي، جنهن لاءِ پادري يقين ڏيارينداهئا، شاعرن ۽ موسيقارن طرفان بہ ان جو يقين ڏياريو ويندو هو. انسانن جي ان گروهہ کيترن ئي ٻين سوچيندڙ ماٺهن جو ڌيان ڇڪرايو آهي جن ڪلٽين، اسڪئنڊينيويا وارن ۽ جرمنس جي قديمي هئڻ جي باري ۾ پنهنجي تحقيق ڪئي آهي. سندن ذهانت، ڪردار ۽ عزت جيڪا ان رتبي کي حاصل آهي، انجي وضاحت چگيءَ طرح ڪئي وئي آهي. پر اسان ان شان شوڪت واري جذبي کي آسانيءَ سان بيان نٿا ڪري سگهون ۽ نہ ايترو سوچي سگهون تا جيڪو اُنهن، ماٺهن جي دلين ۾ جاڳايو ۽ سيني ۾ باهہ وانگر پڙڪايو هو. جيڪي مهذب ماٺهو آهن تہ اُنهن لاءِ شاعري روح جي غذا جي بجاءِ هڪ خيالي يا تصوراتي وِنڊر آهي. ان جي باوجود جڏهن سانت ۽ سڪون واري اڪيلائيءَ ۾ اسان مقابلي جا داستان جيئن هومر يا ٽَسو بيان ڪيا آهن تہ اسان آهستي آهستي ان افسانوي داستان ۾ غرق ٿي وڃون ٿا ۽ ٿوري دير لاءِ پنهنجي اندر ۾ جذبن ۽ اُڏمن جي گرمجوشيءَ جي چمڪ محسوس ڪريون ٿا. پر هڪ پر سڪون دماغ جيڪو اڪيلائيءَ ۾ مطالعو ٿو ڪري انکي چپ چاپ وارو ٿڏو ۽ بغير ڪنهن جوش جذبي وارو تاثر ملي ٿو. اهو فقط هلندڙ جنگ واري وقت ۾ يا فتح جي جشن ۾ ٿيندو هو تہ شاعر يا موسيقار پنهنجن قديمي سورمن جي شان شوڪت وارن ڏينهن کي ملهائيندا هئا ۽ اهڙي وقت جنگي سرواٽن جا ابا ڏاڏا وڏي خوشي ۽ ڌيان سان سندن ڏَرا توڙي جوشيلا داستان ٻڌندا هئا. جيڪو فوجي نغمو ڳايو ويندو هو، ان ۾ هٿيارن جي جهلڪ ۽ خطرن کي وڌيڪ نشانبر ڪيو ويندو هو، ۽ جذبا جيڪي ان جي ٻڌڻ سان اُپرندا هئا يعني شهرت جي خواهش ۽ موت لاءِ نفرت، اِهي اهڙا جذبا هئا جيڪي جرمن دماغ ۽ خمير ۾ ڇڻ رچي ڇڪاهيا. [71]

هيءَ صورتحال هئي ۽ جرمنس جا طور طريقا ۽ رهڻي ڪهڻي اها هئي جيڪا مٿي اوهان پڙهي ڇڪا آهيو. سندن آبهوا، علم ۽ هنر جي گهٽتائي، قانون ڪان اڻڄاڻائي، عزت ۽ وقار بابت سندن خيالَ ۽ روَيا توڙي دليري يا مذهب بابت، آزاديءَ جي باري ۾ سندن احساس، امن امان لاءِ بي صبري ۽ ڪنهن نئين مهر شروع ڪرڻ جي هر وقت طلب، اِهي سيئي ڳالهيون ۽ جذبا ملي ڪري فوجي سپوتن ۽ سورمن جي هڪ قوم کي تخليق ڪن ٿا. ۽ پوءِ بہ اسان جي مشاهدي موجب، وارَس جي شڪست کان وٺي ڊيسيَس جي حڪومت تائين جي وچ وارن اڍائي سؤ سالن ۾، هُنن بهادر بربرن ذڪر لائق ڪوششون ڪيون تہ عيش جي ور چڙهيل ۽ بادشاهت جي غلام ٿيل صوبن جي بهتري لاءِ ڪجهہ ڪري سگهن پر سندن ڪوششن جو خاص اثر نہ ٿيو. سندن ترقيءَ جي راهن ۾ هٿيارن ۽ نظم ۽ ضبط جي گهٽتائي وڏي رُڪاوٽ هئي ۽ سندن ڪاوڙ جو رُخ، قدير جرمنيءَ جي اندروني ورهاڱي طرف هليو ويو.

1. هڪ ڳالهہ جو مشاهدو ذهانت ۽ عقلمنديءَ سان ڪيو ويو آهي تہ ڪنهن بہ قوم کي جڏهن لوهَ جي دولت ملي ٿي تہ اُن کي ڇڻ خودبخود سونَ جي دولت بہ ملي وئي. پر جرمنيءَ جا مغرور قبيلا جيڪي ٻنهي قدر لائق ڏاڻن ڪان

هڪ جيترا محروم هيا، پر بغير ڪنهن باهرين مدد جي ۽ تمام آهستي آهستي، نيٺ هڪ ٻئي پٺيان ٻنهي نعمتن سان نوازجي ويا. جرمنيءَ جي فوج بظاهر لوهَ جي سلسلي ۾ مفلسيءَ جو شڪار رهي. اُهي ترارون ۽ ڊگها ڀالا شايد ئي ڪڏهن استعمال ۾ آڻيندا هئا. سندن فريمي (Frameae) (جيئن هو پنهنجي هوليءَ ۾ ان کي ڪوٺيندا هئا) ڊگهي قسر جا نيزا هوندا هيا جن جي مُهڙ وٽ سنهي ۽ تِکي نوڪَ ٺهيل هوندي هئي، ۽ جيڪي، موقعي جي مناسبت سان، يا ته اُنهن سان پري کان مارُڪندا هيا ته وري تمام ويجهي کان استعمال ڪندا هئا. هن نيزي ۽ ٻچاءَ جي شيلڊ سان سندن گهوڙي سوار فوج خوش رهندي هئي، جڏهن بيشمار تيرَ مختلف [72] طرفن ڏي پنهنجن نشانن تي چوڙيا ويندا هيا ته پيادل فوج لاءِ اهو منظر تمام اطمينان ڏيارينڊڙ هوندو هو. سندن مليٽري جي ڊريس، جيڪڏهن ۽ جڏهن هو پائيندا هيا، ته اُها بنان ٻانهن واري هڪ ڪُليل چوغي کان وڌيڪ نه هوندي هئي. سندن ڪاٺ يا نازڪ وڻ جي ڏارن مان ٺهيل شيلڊون هو مختلف رنگن سان سينگارينداَ هئا جيڪو هنن لاءِ ڪُهنَ زيورن جي برابر هوندو هو. سندن ڪجهه سرواٽن کي وري سيني جي حفاظت جون پليٽون ٻڌل هونديون هيون جيڪي سِرَ جي حفاظت وارن هيلميٽس جي مقابلي ۾ گهٽ هونديون هيون. توڙي جو جرمني جا گهوڙا نه سهڻا هوندا هئا، نه تيز ۽ نه وري اُنهن کي اهڙين ڪاريگرين يا ڪرتبن ۾ استعمال ڪيو ويندو هو جيئن روم جي فوجي نظام جو دستور هو: ڪيترين ئي قومن پنهنجين گهوڙي سوار فوجين جي ڪري شهرت ماڻي هئي، پر، جرمنس جي طاقت، گهٽي پاڻي پيادل فوج تي مدار رکندڙ هئي؛ [73] جيڪا مختلف نسلن ۽ طبقن منجهان ڏاهي وئي جنهن ۾ قبيلن ۽ ڪٽنبن جو فرق ۽ لحاظ ضرور رکيو ويندو هو. ڏَڪ يا دير ٿيڻ کان بي صبرا ٿيل، هي اڏوڪابرا مسلح ويڙهاڪَ جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ بيسُريون روڙيون ڪندا ۽ ٻڌندا ويندا هيا ۽ اُنهن جون تڙ تڪڙ ۾ صِفون به سِڌيون نه هونديون هيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته مقامي بهادريءَ جا جوهر ڏيکارينديَ روم جي پٺسن جي عيوض وڙهندڙ مصنوعي فوج جي مقابلي ۾ وڌيڪ ڪارائتا ثابت ٿيندا هيا. پر جيئن ته بربرَ جنگ جي پهرئين سڏَ تي ئي سپيئي ۽ سمورا بس سمند جيان اُٿلي پوَندا هئا ته ڪين اها خبر نه پوندي هئي ته ڪيئن اڀَتي وڌجي يا جنگ بند ڪجي ته ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح ان سرشتي موجب هلجي. پوئتي ڏِڪجڻ جي صورت ۾ يقيني شڪست جوڪين منهن ڏسڻو پوندو هو ۽ شڪست جو نتيجو اڪثر ڪري مڪمل تباهيءَ جي صورت ۾ نڪرندو هو. جڏهن اسان روم جي سپاهين جي جنگ جي منظر جو تصور ڪريون تا ۽ سندن نظر ۽ ضبط، سندن مشقون، اُنهن جي اڀَتي وڌڻ جي حڪمت عملي، قلعا ڌاهڻ ۽ مليٽري انجڻن جو استعمال ڪرڻ ته ان وقت اِها ڳالهه حيرت انگيز معلوم ٿئي ٿي ته ڪيئن ويچارا بربرَ اُڪهاڙا ۽ بي يارو مددگار. هيڏي ساري منظم ۽ طاقتور فوج، جن سان بيشمار مددگار فوجي به شامل هئا، سان مُهاڏو اٽڪايو هو. مقابلو يقيني طور تي اڌ برابري وارو هو جيستائين عياشين، فوجين جي قوت کي اچي ڪمزور ڪيو ۽ نافرماني ۽ بغاوت جي مرض جڏهن سندن نظم ۽ ضبط کي ڪاهليءَ ۾ تبديل ڪيو تڏهن رومي فوج اُها اڳين نامياري نه رهي هئي. اُنهن ۾ وري بربرن جي مددگار فوج جو واڌارو هڪ اهڙو قدم هو جنهن ۾ ظاهر ظهور خطرا موجود هيا پو ته اُهي اڀَتي هلي جرمنس کي جنگ جي ڪرتبن ۽ مهارت حاصل ڪرڻ جي سِکيا ڏئي ٿي سگهيا. توڙي جو سندن داخلا ٿوري تعداد سان شروع ڪئي وئي هئي جنهن ۾ سخت ترين احتياط به شامل هو، ان هوندي به سِولين جو مثال رومين لاءِ خطري کان خالي نه هو ۽ ڪين احساس ٿيو ته هن سلسلي ۾ سخت ۾ سخت احتياط

بہ سدائين کافي نہ هوندو آهي. [74] نيرو جي موت کانپوءِ جيڪي خانہ جنگيون شروع ٿيون تہ بٹاويا جي ان هوشيار ۽ بهادر سپاهي، جنهن کي سنڊس دشمنن بہ مجيو ۽ ان جي مرتبي کي هٹينبل ۽ سرٹوريس [75] سان وڄي ملايو هو، آزادي ۽ فوجي زندگيءَ ۾ اڇتي وڌڻ جو هڪ خاڪو تيار ڪيو هو. اٹلي بٹاوين فوجي جٹا جن برطانيہ ۽ انلي جي جنگين ۾ شهرت حاصل ڪئي هئي. سنڊس جهندي هيٹان اچي ويا. هن پنهنجي فوج کي گال ۾ موڪلي اُتي ان جو تعارف ڪرايو. ٽريوز ۽ لشڪرس جي طاقتور شهرن کي پنهنجي تابع ڪيائين. فوجين کي شڪستون ڏنائين. اُنهن جي آڏاڻ قلعن کي تباهہ ڪيائين. ۽ رومين خلاف جنگي مهارت جي اُها ڄاڻ پنهنجي استعمال ۾ آندائين جيڪا هن سنڊن ئي خدمتن ۾ رهي حاصل ڪئي هئي. جڏهن هڪ سخت مقابلي ۾ هو آخرڪار بادشاهت جي طاقت اڇيان پيش پيو تہ سيولس اهڙي صورتحال ۾ پي پاڻ کي ۽ پنهنجي ملڪ کي هڪ عزت واري صلحنامي ڪرڻ کان پوءِ بچائي ورتو. بٹاوينس پوءِ بہ رائين [76] جي ٻيٹن تي پنهنجي قبضي کي جاري رکيو جيڪي هاٹي روم جي بادشاهت جا نوڪر نہ پر اتحادي هٹا.

II. اوائلي جرمني جي طاقت وڌيڪ زوردار هئي ڇو تہ اسان کي اهڙا ثبوت اُنهن کوششن منجهان ملن ٿا جيڪي اُنهن متحد ٿي ڪري ڪيون آهن. ملڪ جي وڏي ڪشادگي ۽ وسعت کي ڏسندي اهو ڇئي سگهجي ٿو تہ ان ۾ ڏهہ لکَ ويڑهاڪ هوندا ۽ جيئن تہ سيبئي اهڙي عمر جا هيا جيڪي هٹيار کٹي سگهن تہ اُنهن جو مزاج بہ اهڙو هو جيڪي انهن کي استعمال ڪري سگهن. پر ماٹهن جو هي خطرناڪ هجوم، جيڪو کنهن بہ قومي مَٹيراثيءَ واري تجويز کي عملو جامو پهرائڻ جو اهل ڪين هو، ان کي مخالفت ۽ دشمني وارين نيتن تي ڪافي پريشانيءَ جو مُنهن ڏسٹو پيو. جرمني چاليهن کان وڌيڪ آزاد رياستن ۾ ورهايل هيون ۽ هر رياست ۾، مختلف قبيلن جو پاڻ ۾ ايڪو سخت بي ترتيبيءَ وارو ۽ پروسَي جهڙو هرگز ڪين هو. بربرَ بنادير جي چڙي پوندا هيا ۽ ڪاوڙ ۾ تپي باهہ ٿي ويندا هيا، پوءِ ڪين ذلت واري زخم رسڻ تي معاف ڪرڻ نہ ايندو هو. پوءِ سندن ناراضگي خونخوار ۽ سنگدليءَ واري هوندي هئي. جيڪي منجهن عام رواجي جهيڑا جهٹا بہ ٿيندا هيا يا شڪار ۽ شراب پيئڻ وارين هنگامہ خيز پارٹين ۾ بہ سندن پاڻ ۾ اختلاف سڃي قوم کي پڑڪائڻ لاءِ ڪافي هوندا هيا؛ حد اها هئي تہ سندن سردارن ۽ سرواٹن جا ذاتي نوعيت جا جهيڑا ۽ فسادَ بہ سندن سالين ۽ اتحادين تائين پکڙجي ويندا هيا. بي ادب ۽ گستاخ کي سزا ڏيڻ يا ان کي ڦرڻ جيڪو بي سهارو هجي، جنگ جا ڪارڻ هوندا هيا. جرمني جون جيڪي وڌيڪ طاقتور رياستون هيون، اُنهن پنهنجين اُنهن سرحدن کي پنهنجن حدن ۾ ملائڻ چاهيو جيڪي سندن نظر ۾ ڏار ۽ برباد پيون هيون. جيڪو وچ ۾ وڏو مفاصلو هو ان، سندن پاڙيسرين لاءِ خطري جي صورتحال پيدا ڪئي. جن اُنهن سرحدن جي حفاظت ڪرڻ شروع ڪئي تہ ڪٹي اوچتو اُنهن مٹان ڪو حملو يا دشمن جي يلغار نہ اچي ڪڙڪي. [77]

" برڪٹيري (هاٹي اوهان سان تشيٹس پيو ڳالهائي) کي پاڙيسري قبيلن [78] مڪمل طور تي ختم ڪري ڇڏيو هو، ڇو تہ کين سندن گستاخي واري رويي تي ڪاوڙ آئي هئي. وري کين ڦرلٹ جي مال جو بہ آسرو هو ۽ ٻيو تہ بادشاهت جا نالي وارا ديوتا بہ اُتي هيا. سٹ هزار کان وڌيڪ بربرن کي تباهہ ڪيو ويو. روم جي فوجن طرفان نہ پر اسانجي اکين جي آڏو ۽ شايد اسان کي وندرائڻ لاءِ اهو ڪارنامو ڪيو ويو هو. شال اُهي قومون جيڪي روم جون دشمن آهن، پاڻ ۾ اها دشمنيءَ جي فضا سدائين برقرار رکن! اسان هاٹي ترقي ۽ بهبود جي [79] چوٹيءَ تائين پهچي ويا

آهيون ۽ اسان جي پاڻ ۾ پوئتي کا اهڙي شئي رهي ئي کانهي جنهن جي طلب کريون سواءِ ان جي ته بربرن جا پاڻ ۾ اختلاف رهن. [80] هي جذبا جيڪي انسانيت واري اخلاق سان مطابقت نٿا رکن، پر اُنهن جو تعلق ٽئسيٽس جي حُب‌الوطني سان آهي جيڪي سندس وطن جي بين ماڻهن جي پاليسيءَ جي اصولن جي به ترجماني ڪن ٿا. اُنهن اهو بهتر ۽ آسان ڄاتو ته بربرن سان وڙهڻ يا مقابلو ڪرڻ بجاءِ ڪين پاڻ ۾ ويڙهائي ۽ ورهائي ڇڏجي ڇو ته سندن شڪست مان نه ته سندن شان وڌو ٿيندو ۽ نه وري ڪين کو فائدو پهچندو. پٽسي ڏوڪڙ جي استعمال ۽ روم جي مذاڪرات جو سلسلو جرمني جي وچ ۾ شروع ڪيو ويو ۽ ڏرين کي مجرائڻ جي هر ڪوشش باوقار طريقي سان ڪئي وئي ۽ اُنهن قومن تي وڌيڪ زور پريو ويو جيڪي رائين ۽ دنيوب جي ويجهو هيون ڇو ته اُهي ٽي قومون يا ته بهترين دوست جو روپ يا بدترين دشمن جي جڳهه وٺي سگهيون. وڏي نالي‌وارا سرواڻ جيڪي طاقت پڻ رکندا هيا اُنهن جون خوشامدون ڪيون ويون. ڪين قيمتي تحفا پڻ ڏنا ويا جيڪي اُنهن شايد انڪري ورتا ته جيئن سندن نمايان حيثيت جو اندازو ماڻهو ڪري سگهن يا وري ممڪن آهي فقط انڪري قبول ڪيائون ته اُهي عيش عشرت جو سامان هو. جتي شهر ۾ اختلاف هيا ته اُتي ڪمزور ڌُر پاڻ کي طاقتور بنائڻ لاءِ سرحدي صوبن جي گورنرن سان مخفي معاهدا ٿي ڪيا. جرمنس جي جهيڙن جهڻ کي روم وارن جي سازشن وڌيڪ ٿي بگاڙيو ۽ ايڪي اتحاد توڙي عوام جي پلائيءَ جي هر تجويز کي هر طرفو ۽ ذاتي بغض ۽ ڪدورتن باعث ناڪام ڪيو ويو هو. [81]

مارڪس ائنٽونينَس جي دوَر ۾ رومين کي وڏي سازش جي انڪشاف ٻنهه ڊيڄاري ڇڏيو هو جنهن ۾ رائين جي مُهڙ کان وٺي دنيوب [82] جي آخر تائين سڄي جو سڄو جرمني ۽ ڪجهه سرماٽيا جون قومون به شامل هيون. اهو اسان لاءِ بلڪل ناممڪن آهي ته اهو فيصلو ڪري سگهجي ته ٽڪڙ ۾ قومن جي ڪنفيڊريشن ضرورت هيڻ ناهي وٺي هئي يا انجو ڪو ٻيو سبب يا جذبو هو: پر اسان کي ان ڳالهه جو يقين ڪرڻ گهرجي ته بربرَ نه ته ڪاهليءَ کان هڪجي ويا هيا نه ته اُهي روم جي بادشاهه جي مقصدن کان تيش ۾ آيا هيا. هن خطرناڪ حملي ۾ مارڪَس کي ارادن جي مضبوطي ۽ انتهائي احتياط ۽ خبرداريءَ جي ضرورت هئي. هن حملي واري هر هنڌ تي پنهنجا قابل اهليت وارا جنرل مقرر ڪيا، ۽ پاڻ ذاتي طور تي سيني کان اهر صوبي جي ڪمان سنبالياٽين جيڪو مٽاهين دنيوب جي طرف کان هو. هڪ ڊگهي ۽ مشڪوڪ مقابلي کانپوءِ، بربرن جا حوصلا نيٺ ٽُٽي پيا. قادي ۽ مرڪماني، [83] جن جنگ ۾ تمام اهر ڪردار ادا ڪيو هو، کي مصيبت ۾ مبتلا ڪيو ويو ۽ کين سخت ترين سزا ملي، کين حڪر ڏنو ويو ته هو پنهنجي طرف واري دنيوب کان پنج ميل [84] پنڌتي هٽي وڃن ۽ پنهنجي جوانيءَ جي جوش کي ڇڏي ڏين، جن کي پوءِ برطانيه موڪليو ويو جيڪو پري جو ٻيٽ هو جتي هي يرغماليءَ جي حيثيت ۾ محفوظ هوندا ۽ ساڳي وقت ڪمائتا سپاهي به رهندا. [85] قادي ۽ مرڪماني جي اڪثر جهيڙن جهڳڙن تي بادشاهه سندن ملڪ جي حيثيت بدلائي ان کي صوبي جي سطح تي آڻي ڇڏيو. سندن سازشن جو مقابلو هاڻي موت جي ذريعي ڪيو ويو. هي زوردار اتحاد، جيڪو بادشاهي تاريخ جي پهرين ٻن صدين ۾ پنهنجي نوعيت جو واحد ايڪو هو ۽ جيڪو ذرا پرزا ٿي اهڙيءَ طرح ٽڙي پکڙي ويو جو جرمني ۾ ان جو رتيءَ ماتر نالو نشان به نه ٿو ملي.

هن تعارفي بابَ ۾ اسان جرمني جي ڪردار، رهڻي ڪهڻي ۽ سندس طور طريقن جو عمومي جائزو ورتو آهي جنهن ۾ اسان مختلف قبيلن ۽ قومن جي فرقن بابت بحث نه ڪيو آهي جيڪي ان عظيم ملڪ ۾ سيزر، ٽئسيٽَس يا پٽوليمي ۽ جي دؤر ۾ رهندا هيا. جيئن جيئن قديمي يا نيون ذاتيون هڪ ٻئي ٻنيان هن تاريخي سلسلي ۾ بحث هيٺ ايندينَ ويندينَ تہ اسان مختصر طريقي سان انهن جو اصل نسل، ان وقت جون حالتون، ۽ اُنهن جي خاص ڪردار بابت اوهان کي ٻڌائيندا ويندا سين. جديد قومون هاڻي مستقل ٿي ويون آهن ۽ جيڪي دائمي سوسائٽيون آهن اُهي قانونَ يا حڪومتن ذريعي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن تہ ساڳي وقت اُهي پنهنجي ڌرتيءَ سان زراعت توڙي ٻين هنرن ذريعي جذباتي طرح لاڳاپيل آهن. جرمن ذاتيون پاڻ مرادين هيون جيڪي سپاهين جي چڙو چڙ سلسلن ذريعي پاڻ ۾ ڳنڍيل هيون جن ۾ گهٽي ياڳي وحشي ۽ جهنگلي هوندا هيا. ساڳي خطي جا ماڻهو هيڏي هوڏي لڏ پلاڻ ڪندا رهندا هٿا جنهن ۾ هو فتحن جي رُخ ۽ ٻين ڳالهين کي خيال ۾ رکي پوءِ فيصلو ڪندا هٿا. ماڻهن جي ساڳي برادري جيڪي ڪنهن تجويز هيٺ حملي يا حفاظت جي صورت ۾ هڪ ٻئي سان اتحاد ڪندا هٿا تہ قبيلن يا ذاتين جي اهڙي ايڪي کي هو هڪ نئون نالو ارپي ڇڏيندا هٿا. پراڻي اتحاد جي تڻڻ سبب نين قومن ۽ ذاتين کي خودبخود اهڙو لقب يا خطاب ملي ويندو هو جيڪو اڳ سندن ئي هوندو هو ۽ پوءِ جڏ هو خوش ٿيندا هيا تہ اڳ جو وساريل خطاب کين موتي ملیو، جيڪا رياست فاتح هوندي هئي تہ اُها اڪثر ڪري پنهنجو خطاب فتح ٿيل قوم کي اختيار ڪرڻ لاءِ ڏيندي هئي. ڪڏهن تہ ماڻهن جا هجوم ۽ پاڻمرادا خدمت گذار ملڪ جي سيني حصن مان پنهنجي پسند جي ليڊر جي جهنڊي هيٺان وڃي گڏ ٿيندا هيا ۽ سندس ڪٽمب هنن جو ملڪ ٻڌجي ويندي هئي ۽ ان سلسلي جي ڪجهہ حالتن ۾ ايڏي وڏي هجوم جنهن ۾ مختلف ذاتين جا ماڻهو هوندا هيا، کي هڪڙو ئي نالو يا خطاب بہ ڏنو ويندو هو. خطرناڪ حملي ڪندڙن جي فرقن کي خود اُنهن طرفان ئي مسلسل بدلايو ويندو هو ۽ ان کي روم جي بادشاهت جي رعيت جي ماڻهن طرفانَ ويتر پيچيدو بنايو ويو هو. [86]

جنگيون ۽ عوامي معاملن جو انتظام تاريخ جا اهر موضوع آهن پر هنن مصروف نظارن ۾ جيڪي ماڻهو دلچسپي رکن ٿا اُهي انسانذات جي مختلف حالتن مطابق پاڻ بہ جدا ۽ نيارا آهن ۽ پنهنجي فائدي وارا ڪر ڪار سکرن ۽ چپ چاپ ۾ ڪن ٿا. ليڪڪ جو توجہ، توڙي پڙهندڙن جو ڌيان خاص طرح محل ڏانهن، گاديءَ جي هنڌ ڏي، باقاعدي فوج ۽ اُنهن ضلعن ڏانهن آهي جيڪي ڪڏهن ڪڏهن مليٽري جي ڪارروائين جو مرڪز رهيا آهن. پر هڪ آزاد ۽ بربريت واري رياست، ماڻهن جي هنگامن وارو موسر ۽ ننڍڙن ملڪن جي عجيب حالت [87] برادريءَ جي هر ميمبر کي ڪجهہ ڪرڻ لاءِ اياري ٿي ۽ اهڙي صورتحال جو اونو بهرحال هر هڪ کي رهي ٿو. جرمني جو بيقاعدي ورهاڳو ۽ ماڻهن جي بي چينيءَ واري چرپر اسانجي تصور کي حيرانيءَ ۾ وجهي پريشانين جي تعداد کي وڌائي ٿي ڇڏي. بادشاهن، ويڙهاڪن، فوجين ۽ قومن جي ڳٽڻ جو حساب اسانکي ويساري تي مجبور ٿو ڪري تہ ساڳيون شيون مختلف لقبن هيٺ دهرايون ويون آهن ۽ وڏا وڏا لقب وري گهٽو ڪري اُنهن شين تي عطا ڪيا ويا آهن جن جو شمار نهايت ئي غير اهر شين ۾ ٿئي ٿو.

باب - نائون
حاشين بابت وضاحتون.

1. سئيڊن جا جديد فيلسوفَ ان ڳالهه تي متفق آهن ته بالٽڪ سمنڊ جو پاڻي آهستي آهستي ۽ باقاعدگيءَ سان گهٽبو رهيو جنهن بابت اُنهن اندازو لڳايو ته هر سال اُهو گهٽ ۾ گهٽ اڌ انچ تائين گهٽبو رهيو هوندو. ويهَه صديون اڳي، اسڪئنڊينيويا (Scandinavia) جو سنئون ٻيڌو ۽ هموار ملڪ يقينن هر طرف کان سمنڊ سان وکوڙيل رهيو هوندو: جڏهن ته جيڪي زمين جا مٿاهان ٽُکرا هيا اُهي پاڻيءَ جي سطح کان اوچائيءَ تي رهندا هيا جن ۾ ڪيترائي مختلف قسمن ۽ ماپن جا ٻيٽ به اڃي ٿيا ويا. اسان سان اِنهيءَ قسم جا وِيچارَ ميلا ٻلني ۽ ٽئسيٽَس وندبا آهن جيڪي بالٽڪ جي ارد گرد جي وسيع ۽ وڏن ملڪن بابت آهن. هن سلسلي ۾ وڌيڪ ڏسو ٽامر جا تاريخوار واقعا XI ۽ XIV بابن ۾، جيڪو سئيڊن جي تاريخ بابت سئيڊش زبان ۾ هڪ وڏو ڪم ٿيل آهي.

2. خاص طرح مسٽر هيوم ۽ ابي ڊُوبوس ۽ ايم پالِيُوٽيئر ڪَلٽين جي تاريخ ۾.

3. ڊائڊورَس سِڪيولَس - (جُلد - 340) ويسل جو ايڊٽ ڪيل، هيروڊئن، (vi, 221) ۽ جارنئنڊيس - (باب - 55)، دنيوب جي ڪنارن تي شراب جڏهن ٽيبل تي آندو ويندو هو ته اُهو اڪثر ڪري ڇمي ڇُنڊين ۽ ڇوڙهن جي صورت ۾ بدلجي ويندو هو جنهن کي مقامي زبان ۾ فرسٽاوِني (Frusta vini) يعني " ڇميل ٽُکرا" چيو ويندو هو. ڏسو اووِڊ جون تحريرون (iv,7, 10-7) ورجل، جارجِڪس (iii,355) هن حقيقت کي هڪ سپاهي ۽ هڪ فيلسوف به صحيح ڄاڻايو آهي جن ٽريس جي سخت سرديءَ کي پاڻ به پوڳيو هو. ڏسو زينوفن اَنابئسِس (vii,560) جنهن کي هَڇنسن ايڊٽ ڪيو هو.

4. ڏسو بَفن جي فطري تاريخ. (xii, 79, 116) .

5. سيزر ڊي بيل گئلڪ. جيڪي تجسُس ۽ ڄاڻ جاڳولائو جرمن هيا ته اُهي به ان جي آخري حدن کان ناواقف هئا، توڙي جو اُنهن منجهان ڪيترن ئي ان ۾ سَٺ ڏينهَن کان به وڌيڪ سفر ڪيو هو.

6. ڪِلُوويريَس (قديم جرمني - iii,47) هرسينيَن ٻيلي جي ننڍن ۽ ٽڙيل پکڙيل ۽ ٻچيل ٽڪرن بابت معلومات ڏئي ٿو.

7. ڏسو چارليووڪس جي ڪٿاڊا جي تاريخ.

8. اولُوس رُوڊبيڪ اسانکي ٻڌائي ٿو ته سئيڊن جون عورتون اڪثر ڪري ڏهن کان ٻارهَن تائين ٻارَ ڄڻيندڙيون هيون ۽ ڪڏهن ته اهو انگ ويهَن کان ٽيهَن تائين به پهچندو هو. پر رُوڊ بيڪ ايترو مستند حوالو نه آهي ۽ سندس تحرير ڪجهه مشڪوڪ آهي.

9. " سندن عضوا ۽ جسم اهڙيءَ طرح ٺهيل آهن جو اسانکي اچرج ٿو لڳي." جرمنيا ۾ ٽئسيٽَس - 20، ڪِلُوويريَس (i,14) .

10. ماريو ۾ پلوٽارچ، جيڪي سِمبري هيا اُهي تفريح خاطر، پنهنجين شيلڊن ذريعي برف ڇميل جبلن تان ٿِرڪندا ۽ ڪِسڪندا هيٺ لهي ويندا هيا.

11. روم جا ماڻهو هر موسم ۾ جنگيون وڙهي سگهندا هئا ۽ پنهنجي ڪمال جي نظم ۽ ضبط ۽ سڌين عادتن سبب پنهنجي صحت ۽ طاقت کي به محفوظ رکندا هيا. اهو هاڻي آسانيءَ سان چئي سگهجي ٿو ته انسان ئي هڪ اهڙو

جانور آهي جيڪو خط استوا کان قُطب محوَر تائين آسانيءَ سان گذاري ٻہ سگهي ٿو تہ پنهنجي نسل جو واڌارو ٻہ ڪري سگهي ٿو. ان امتيازي صورتحال ۾ سُوئر، انساني نسل کان ٻي نمبر تي ويجهي ۾ ويجهو آهي.

12. جرمنيا - 3 ۾ ٽئسيٽَس. گال جي ماٿهن جڏهن لَڏَ پلاڻَ ڪئي تہ اُهي دنيوب جي ڪنارن طرف ويا ۽ پوءِ يونان ۽ ايشيا ۾ وڃي رهيا. ٽئسيٽَس فقط هڪ اهڙي غير اهر قبيلي جو ذڪر ڪري ٿو جنهن ۾ گال قوم جي اصل نسل جا آثار موجود هيا.

13. ڊاڪٽر ڪينگ مطابق (آئرلئنڊ جي تاريخ - صفحا 13-14) عظيم پارٿولئس جيڪو سيرا جو پُٽ هو، جيڪو ايسرا جو پُٽ هو، جيڪو سُرو جو پُٽ، جيڪو فِرامنٽ جو پٽ، جيڪو فائڪلئن جو پٽ، جيڪو مئگاگ جو پٽ، جيڪو جافيٽ جو پٽ، ۽ جيڪو وري حضرت نوح (ع.س) جو پٽ هو، مَنسٽر جي ڪناري تي اچي لٿو ۽ اُهو سَن دنيا جي پيدا ٿيڻ کان هڪ هزار، نوَ سؤ ۽ اَٺهتر پوءِ جو هو. توڙي جو هو پنهنجي وڏي مقصد ۾ ڪامياب ٿيو پر سندس زال جي بدڪرداريءَ سبب هو پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏاڍو ناخوش ۽ مايوس رهڻ لڳو ۽ سندن طبيعت ۾ ان حدتائين بيزاري پيدا ٿي پئي جو پنهنجي پاليل ۽ پسنديده تازي ڪُتي کي ماري ڇڏيائين. هي واقعو جيئن اسانکي وڏو عالم ۽ تاريخدان ٻڌائي ٿو تہ آئرلئنڊ جي تاريخ جو پهريون مثال هو جنهن ۾ عورت جي بيحيائي ۽ بيوفائي ايتري قدر واضح ٿي ماٿهن آڏو آئي هئي.

14. ڏسو تاتارين جو شجرو ۽ حسب نسب جي تاريخ جيڪا اَبوالغازي بهادر خان لکي آهي.

15. سندس تحرير جنهن جو عنوان آهي "ائٽلانٽيڪا" نايات ٿي چڪي آهي. بائل، بهرحال ان منجهان اهر ٽڪرا حوالي لاءِ چُونڊيا آهن.

16. جرمنيا (ii,19) ۾ ٽئسيٽَس: " مرد ۽ عورتون - ٻئي پڙهڻ لکڻ جي علم کان ٻنهہ بيخبر آهن." اسانکي ٽئسيٽَس جي مَٿي بيان ڪيل راءِ سان متفق ٿيڻو پوندو ۽ رُونِڪ اکرن (Runic Characters) جي قدامت جي فضول ۽ اِجاين ڳالهين جي ڇڪرن کان ٻہ بچڻو پوندو. وڏو ڄاڻُو سيليٽس جيڪو سئيڊن جو رهاڪو هو، سندس راءِ اها هئي تہ رونڪ اکر، رومي اکرن جي هيرا ڦيريءَ کان وڌيڪ ڪجهہ ٻہ نہ هئا جنهن ۾ اِنگڻ وِنگڻ ليکَن کي فقط سِڌو سنئون ڪري لکيو ويو هيو تہ جيئن اُنهن کي نقش ڪرڻ وقت آساني ٿئي. ڏسو پاليوٽيئر کي ڪلٽين جي تاريخ ۾، (ii,II) ۽ سفارتي لُغت ۾ پڻ. (i, 223) اسان هتي اهو ٻہ ٻڌائيندا هلون تہ پراڻي ۾ پراڻا رُونڪ نقش ٻہ ٽين صدي عيسوي جا آهن ۽ هڪ تمام قديمي ليکڪ جيڪو رونڪ اکرن بابت ذڪر ڪري ٿو سو آهي وِنٽيشس فارچونيٽَس (ڪارم - 18 ,vii) جيڪو ڇهين صدي عيسوي جي آخر تائين زندهہ هو. " بربرن جا اکر خاڪَ جي ڪائين تي نقش ٿيل آهن. " (ڪاما جي اندر ڏنل جملو طنزيہ معلوم ٿئي ٿو. سنڌيڪار)

17. "Recherches Philosophiques Surles Americains" هن عمدي تحرير جو ليکڪ، جيڪڏهن منهنجي معلومات غلط نہ آهي تہ، هڪ ڇائي ڇر جو جرمن آهي.

18. سڪندر جي جاگرافيءَ جي ماهرَ تي وڌيڪ صحيح ۽ مستند ماٿو ڪلُوويريس تنقيد ڪئي آهي.

19. ڏسو سيزر ۽ مئنچيسٽر جي تاريخ ۾ مسٽر وٽاڪر کي (باب - i)

20. جرمنيا - 16 ۾ ٽئسيٽس کي ڏسو.

21. جڏهن جرمني جي ماڻهن ڪولون جي اُبين (Ubii of Cologne) کي روم جي غلاميءَ جي طوق کي اُڇلائڻ جو حڪر ڏنو ۽ نئين آزادي حاصل ڪري پنهنجين قديمي طور طريقن کي اختيار ڪرڻ جو عزم ڪيو تہ اُنهن پهريون اَڻل ارادو اهو ڪيو تہ هو ڪالونيءَ جي ديوارن کي ڊاهي ۽ ڪيرائي ڇڏين. " اسان، اوهان کي حڪر ڏيون ٿا تہ ڪالونيءَ جون ديوارون پيڇي ڊاهي ڇڏيو جيڪي غلاميءَ جون يادگار آهن؛ ڇو تہ جهنگلي جانورن کي بہ جڏهن پڃرن ۾ بند ڪيو ويندو آهي تہ اُهي بہ همت هاري ڇڏيندا آهن."

22. سائيشيا جا ڳوٺ ڪيترن ئي ميلن جي ڊيگهہ ۾ هيڏي هوڏي ٽڙيل پکڙيل آهن. (ڪلوويريَس i,13).

23. ٽئسيٽس کان هڪ سؤ چاليهَ سال پوءِ، رائين ۽ دنيوب جي آس پاس ڪجهہ نيون عمارتون باقاعدگيءَ سان تعمير ڪيون ويون هيون.

24. ڏسو جرمنيا - 17 ۾ ٽئسيٽس.

25. ڏسو جرمنيا - 5 ۾ ٽئسيٽس.

26. ڏسو سيزر ۾، ڊي بيل گال کي (vi, 21)

27. ڏسو جرمنيا - 26 ۾ ٽئسيٽس ۽ سيزر کي (vi, 22)

28. ڏسو جرمنيا - 5 ۾ ٽئسيٽس.

29. اهو ٻڌايو ويو آهي ميڪسيڪو ۽ پيرو، پٺسن توڙي لوهَ جي استعمال ڪرڻ کان سواءِ بہ هنرن ۽ ڪاريگرين ۾ وڏي ترقي ڪئي آهي. ڪجهہ هنرن جون شيون توڙي ڪي يادگار جيڪي هنن ٺاهيا. اُنهن جي باري ۾ ڪافي وڌاءُ ڪيو ويو آهي. ڏسو ريچرچس سُرليس امريڪئنس (ii, 153)

30. ڏسو جرمنيا - 15 ۾ ٽئسيٽس.

31. ڏسو جرمنيا - 22,23 ۾ ٽئيسٽس.

32. ڏسو جرمنيا - 24 ٽئسيٽس. اهو ممڪن آهي تہ جرمنس راند روند يا ڪيڏڻ جو فنُ روم وارن کان حاصل ڪيو هجي، پر اهو جذبو ۽ شوق انسانن ۾ فطري طور تي بہ موجود هوندو آهي.

33. ڏسو جرمنيا - 14 ۾ ٽئسيٽس.

34. ڏسو ڪاميلو ۾ پلوٽارچ ۽ لِوي (v, 33) .

35. ڊُوبوز - فرانس جي بادشاهت جي تاريخ.

36. هيلويشين جي تومر، جيڪا سئزرلئنڊ جي ملڪ مان ظاهر ٿي، ان جي ڪُل ماڻهن يعني مردن توڙي عورتن جو تعداد 3,68000.0 هو. (سيزر - ڊي بيل گال i,29) هن وقت " پيس ڊي وادِ" (جيڪو ليمان ڍنڍ تي هڪ ننڍو شهر آهي ۽ صنعت جي بجاءِ پنهنجي نفاست سبب مشهور آهي) جي ماڻهن جو تعداد 1,12,591.0 آهي. هن سلسلي ۾ وڌيڪ ڏسو هڪ ڪمال جي ايڊيٽر - مُريٽ جي تحرير بَرن (Berne) جي يادگيرين ۾.

37. پال ڊاياڪونس (باب - 2،1 ۽ 3) مئڪياويل ۽ ڊائويلا ۽ پال جا ٻيا پوئلڳ هن لڏ پلاڻ کي روز مرهہ جو دستور ۽ ضروري ڳالهہ سمجهن تا.

38. سروليئر ٽيمپل ۽ مانٽيسڪئي هن موضوع تي پنهنجي تصوراتي دنيا جي خوشگوارين ۾ هليا ويا آهن.

39. مئڪياويل - فرينز جي تاريخ - (ڪتاب - i) مئريانا - اسپين جي تاريخ (v,i) .

40. رابرٽسنس جو چارلس - V ۽ هيوم جي سياست.

41. جرمنيا - 44،45 ۾ ٽئسيٽس. (جنهن پنهنجو ذهني پورهيو ليوي ۽ سئيٽن جي ڪرسٽينا کي ارپيو هو) پنهنجي طرفان روم وارن تي ڪاوڙ تو ڪري چو تہ اُنهن اُتر طرف جي راڻين جي لاءِ گهڻ محبت ۽ احترام جو اظهار ڪيو هو.

42. ڇا اسان اهو گُمان نٿا ڪري سگهون تہ وهم ۽ وسوسا آمريت جا آبا آهن؟ اوڊن (جنهن جي قوم 1060ع تائين تہ ختر نہ ٿي هئي) جي پويان ايندڙ نسل لاءِ چيو وڃي تو تہ اُنهن سُئيٽن تي هڪ هزار سالن کان بہ وڌيڪ عرصي لاءِ حڪومت ڪئي هئي. اُپسال جو مندر، مذهب ۽ بادشاهت جي قديمي عبادتگاهہ طور استعمال ٿيندو هو. 153ع ۾ مون هڪ انوکو قانون ڏنو جنهن موجب بادشاهہ جي محافظن کانسواءِ ٻي ڪنهن کي بہ هٿيارن رکڻ جي اجازت نہ هئي. ڇا ان ڳالهہ جو امڪان ناهي تہ ان ٻهاني جي اوٽ ۾ ڪنهن پراٽي اداري کي ٻيهر بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هجي؟ وڌيڪ تفصيل معلوم ڪرڻ لاءِ ڏسو ڊالن جي سئيٽن جي تاريخ (xI, xIv) .

43. ڏسو جرمنيا - 43 ۾ ٽئسيٽس.

44. اِڊ، 11، 12، 13 وغيره.

45. گروٽيس، ٽئسيٽس جي هڪ لفظ کي تبديل ڪيو آهي: يعني Pertractantur کي Praetractantur ڪري ڇڏيو آهي. پهرئين لفظ جو مطلب آهي: " اُنهن کي چگيءَ طرح جاچيو ويو يا اُنهن تي چگيءَ طرح ويچار ڪيو ويو"، جڏهن تہ پوئين جو مطلب آهي، " اُنهن کي اڳ ۾ چگيءَ طرح جاچيو ويو هو يا اُنهن تي اڳ ۾ ويچاريو ويو هو."

46. اسانجي قديمي پارليامينٽ ۾ پي اميرن ۽ نوابن کان اهو نہ پڇيو ويندو هو تہ وٽن وڏٽ ڪيترا هيا پر ڪانئن اهو سوال ڪيو ويندو هو تہ سندن ڪيترا پوئلڳ هيا جن وٽ اسلحو يا هٿيار موجود رهندا هيا.

47. ڏسو سيزر، ڊي بيل گال (vi, 23) .

48. " فوري اختلاف" سيزر جو خوشگوار اظهار هو.

49. " اميري يا نوابي اکثر ڪري اخلاقيات يا گڻن کي پوئتي ڪري ڇڏي ٿي." ٽئسيٽس اهڙو اظهار جرمنيا - 7 ۾ ڪيو آهي.

50. قديم جرمنيا (i,38) ۾ ڪلوويريس.

51. ڏسو سيزر (vi, 22) ۽ جرمنيا - 26 ۾ ٽئسيٽس.

52. ڏسو جرمنيا - 7 ۾ ٽئسيٽس.

53. ڏسو جرمنيا 14، 13 ۾ ٽئسيٽس.

54. مانٽيسڪئي جي لاجواب تصور جي اظهار جي، ابي ڊي مٽبلي جي خشڪ ۽ بيسود دليل ذريعي ترميم ڪئي وئي آهي. (فرانس جي تاريخ جو هڪ ورق (i, 356) .

55. جرمٽيا - 21 ۾ ٽئسيٽس جو هڪ جملو يا يوناني زبان ۾ يا لاطيني ۾ چيل آهي جيڪو سمجهه ۾ نٿو اچي. (سنڌيڪار)

56. زاني عورت کي ڳوٺ ۾ ڦٽڪا يا چهٻڪ هٽي سزا ڏني وئي. سندس دولت يا حُسن کنهن ماڻهوءَ کي به مٽس رحم ڪرڻ لاءِ آماده نه ڪيو ۽ نه وري کيس هي مڙس ڏيڻ لاءِ کنهن کي خيال ڏياريو. (جرمٽيا 18،19 ۾ ٽئسيٽس.)

57. اوويد فقط اُنهن هنڌن جي تحقيق ڪرڻ تي ۽ سوءِ سِٽون لکيون آهن جيڪي هنڌ جسماني پيار ڪرڻ لاءِ سندس نظر ۾ مناسب هيا. هو ٽيٽر يا نمائش گاهن کي چُونڊي ٿو جتي روم جون حسينائون اچي گڏ ٿيندڙيون هيون ۽ اُنهن جا عاشق سندن نفيس جذبن سان راند رچائي کين شهوانيت جو شڪار بنائيندا هيا.

58. ٽئسيٽس - تاريخ (iv, 61, 65) .

59. شاديءَ جي تحفي ۾ ڏاندن گهوڙن يا هٿيارن جي پاچاري يا ڪنوائي ڏني ويندي هئي. ڏسو جرمٽيا - 18 ۾ ٽئسيٽس کي جنهن هن موضوع تي گهٽو ڪجهه لکيو آهي.

60. لفظ Exigere کي exugere ۾ تبديل ڪرڻ هڪ تعريف لائق ترميم آهي. (باب - ستون) " پهرئين لفظ جو مطلب آهي: جاچڻ جوچڻ، ويچار ڪرڻ وغيره جڏهن ته بي جو مطلب آهي زخم ڇُٽائڻ يا اُنهن جي ملهم پٽي ڪرڻ" (هٿي لفظ انگريزي لغت ۾ نٿا ملن. ممڪن آهي اِهي لاطيني، يوناني يا اٽلي جي زبان جا لفظ هجن. سنڌيڪار)

61. ڏسو ٽئسيٽس کي جرمٽيا - 7 ۾ ۽ ماريو ۽ پلوٽارچ کي. ٽِيوٽونس جي زالُن پاڻ کي ۽ پنهنجن ٻارن کي تباهه ڪرڻ کان اڳ پيش پوڻ جي آڇ ڪئي هئي ۽ ان ۾ شرط اهو هو ته کين سَتيُن ۽ پاڪدامن ڪنوارين جي ٻانهيُن طور قبول ڪيو وڃي.

62. ٽئسيٽس هن اڻ ڇٽي موضوع تي چند سِٽون لکيون آهن ۽ ڪلوويرَس ان بابت هڪ سوءِ چوويهه صفحا لکيا آهن. پهريون، جرمنيءَ ۾ يونان ۽ روم جي ديوتائن بابت اسانکي ٻڌائي ٿو جڏهن ته پوئين کي يقين آهي ته سڀ، چندَ ۽ باهه جي نشانين ذريعي سندن نيڪ ابا ڏاڏا "تن جي وحدت" (تثليث) کي پوڄيندا هئا.

63. مقدس ڪاڪ، جنهن کي ليوسن وڏي خوف ۽ ڏهڪاءَ وچان بيان ڪيو آهي، مَرساءِ (Marseilles) جي پر پاسي هوندو آهي پر ان قسر جو ڪاڪ جرمني جي ٻين هنڌن تي به جهجهي انداز ۾ موجود آهي.

64. ڏسو جرمٽيا - 7 ۾ ٽئسيٽس.

65. ڏسو جرمٽيا - 40 ۾ ٽئسيٽس.

66. ڏسو رابرٽسنس جي چارلس پنجين جي تاريخ.

67. ڏسو جرمٽيا - 7 ۾ ٽئسيٽس. هي نشان فقط جهنگلي جانورن جي سِرَن جا هوندا هيا.

68. هن رسم جو مثال ٽئسيٽس جي ڪتاب تاريخوار واقعن ۾ ڏسو. - (xiii, 57) .

69. سيزر، ڊائڊورس ۽ ليوسن هن اُصول يا مَتي کي گالن تي لاڳو ڪن ٿا پر ايڊ - پاليوٽيئر (ڪلٽين جي تاريخ ۾ iii, 18) محنت ڪري سندن اظهار جي شدت کي گهٽائي ان کي بنياد پرستيءَ جي رنگ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

70 جيتري قدر مٿاهين ۽ ڪشش ڪندڙ ايدا جي اصول جو تعلق آهي تہ ان سلسلي ۾ ڏسو انسانوي رنگ (XX) ساڳي ڪتاب ۾ جيڪو ايبر - مئليٽ ڇپرايو آهي ۽ ڊينمارڪ جي تاريخ جي تعارف ۾ جنهن جو تفصيلي ذڪر ڪيل آهي.

71. ڏسو ٽئسيٽَس ڪي جرمنيا - 3 ۾؛ ڊائڊورس سڪيولس - V اسٽرابو - (iv, 197) . معياري ۽ مستند ڳالهيون پڙهندڙن کي فِيسيَن ڪورٽ جي ڊيموڊوڪَس جو رتبو ضرور ياد هوندو ۽ بيهوش ٿيندڙ اسپارٽنس ۾ ٽرِنِيَس جيڪو جذبو جاڳايو هو اُهو به وسارڻ جهڙو ناهي. ان جي باوجود ان ڳالهہ جو امڪان گهٽ آهي تہ يوناني ۽ جرمن ساڳي نسل جي قوم آهن. دانشمنديءَ واري خوشامد جي شايد تڏهن ضرورت نہ پوَندي جڏهن اسان جا آثار شناس مهرباني ڪندي اها ڳالهہ مجيندا تہ ساڳيا موقعا يا ساڳي صورتحال ساڳين طور طريقن پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ ٿيندا آهن.

72. ڏسو جرمنيا - 6 ۾ ٽئسيٽَس. " اُهي مِزائيلن کي پکيڙي تا چڏين." يا تہ ان تاريخدان اهو جملو اجايو استعمال ڪيو آهي يا وري سندس مطلب اهو هو تہ اُهي ڪڏهن ڪڏهن اُچلايا ويندا هئا.

73. اها سرمائيَس جي خاص خوبي ۽ انفراديت هوندي هئي تہ هو گهٽو ڪري گهوڙن تي سوار ٿي جنگيون وڙهندا هيا.

74. هن جُستجو واري ڪر جو تعلق گهٽي ياگي ٽئسيٽَس جي تاريخ جي چوٿين ۽ پنجين ڪتاب سان آهي ۽ ان جي خاصيت اها آهي جو وضاحت ۽ چٽائيءَ جي مقابلي ۾ ائين لڳي ٿو تہ ڪتاب ڇڻ پاڻ ڳالهائي ٿو. بهرحال سرهينري سوائيل ان ۾ ڪيترائي نقص ۽ گهٽتايون ڳولي ورتيون آهن.

75. ٽئسيٽَس جي تاريخ (iv, 13) . ۾ين وانگر هن به پنهنجي هڪ آڪِ ضايع ڪري چڏي هئي.

76. ان کي رائين جي ٻن شاخُن يا حِصن جي وچ ۾ ان حالت ۾ روڪيو ويو هو جهڙي ۾ موجود هو چو تہ پوءِ قدرت طرفان ۽ فني واڌاري سبب ملڪ جو نقشو ئي تبديل ٿي ويو هو. ڏسو ڪلوويريس، قدير جرمنيا (iii - باب - 30، 37).

77. ڏسو سيزر، ڊي بيل گال ۾ (vi, 23) .

78. اُنهن جو ذڪر چوٿين ۽ پنجين صدي عيسوي ڏاران ڪيو ويو آهي جنهن کي نزاريَس، اميئينَس ڪلاڊيَن وغيره طرفان بيان ڪيو ويو آهي جيڪي فرئنڪن جا قبيلا هئا. ڏسو ڪلوويريس، قدير جرمنيا (iii, 13) .

79. ان کي گهٽو ڪري Urgentibus پڙهيو ويندو آهي پرليسيَس جي ڇاڻ ۽ سڌي ذوق مطابق. ٽوڙي ڪجهہ قلمي نسخن موجب پڻ ان کي Vergentibus پڙهڻ گهرجي. (پهرئين لفظ جو مطلب آهي: " اڳتي هلندو هلجي يا ڏُوڪيندو وڃجي" ۽ پوئين لفظ جو مطلب آهي: " آخري حد تي بيٺل يا ڪو جلد ٽيڙ وارو ڪر.")

80. ڏسو جرمنيا - 33 ۾ ٽئسيٽَس، نيڪ مرد - ابي ڊي لابليٽري، ٽئسيٽَس کان سخت ناراض آهي، هو ڪيس شيطان ٿو ڪوٺي ۽ ان بابت ڳالهائي ٿو جيڪو شروع کان ئي هڪ قاتل هو. وغيره وغيره.

81. هن پاليسيءَ جا ڪيترائي اهجاڻ ٽئسيٽَس ۽ ڊائن ۾ ملي سگهن ٿا ۽ ۾ين به ڪيترن کي ئي انساني فطرت منجهان سمجهي ۽ پروڙي سگهجي ٿو.

82. آگسٽ جي تاريخ - (ص -31 ؤ اميئن مارسيلن (xxxi, 5) آريليَس وکٽر. بادشاهہ مارڪَس ان حَد تائين مجبور ٿيو جو هن پنهنجي محلات جو قيمتي فرنيچر وڪڻيو. ۽ غلامن ۽ لُٽيرن کي پاڻ وٽ داخل ڪيائين.

83. مرڪماني، جنهن بوهيميا ۽ موراويا تي قبضو ڪري ورتو هو ۽ هڪ ڪالوني تي به جيڪا رائين جي ڪناري تي هئي، هڪ پيري پنهنجي طاقتور بادشاهت ناهي ورتي هئي جنهن جو بادشاهه ماروبو ڊُوس هو. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو اسٽرابو - (viii) ويليس پٽرڪيولس (ii, 105) ۽ ٽئسيٽَس - تاريخوار واقعا (ii, 63) .

84. مسٽر ورٽن (روم جي تاريخ - ص - 166) مفاصلي کان به روڪڻ يا منع ڪرڻ جي عمل کي ڏهوٽو وڌائي ٿو ويجي. سندس دليل اثرائتا آهن پر اُنهن منجهان ڪو خاص مقصد واضح نٿو ٿئي. هڪ قلعي جي رُڪاوٽ دور ڪرڻ لاءِ پنج ميل ڪافي هيا.

85. ڏسو ڊائن (Ixxi, Ixxii)

86. قومن جي اصل نسل ۽ اُنهن جي لَڏَ پلاڻ جي سلسلي ۾ ڏسو هڪ زبردست مضمون: نقشن نگارن جي اڪيڊمي جي يادگيرين ۾ (xviiI, 48-71) شايد ڪڏهن ڪڏهن ئي اهڙو اتفاق ٿيندو آهي جو هڪ آثار شناس ۽ هڪ فيلسوف ساڳي معاملي تي پاڻ ۾ متفق ٿين. جيئن هن ڳالهه ۾ ٿيا آهن.

87. ڇا اسان ان تي شڪ ڪريون ته ايٿنس ۾ 21،000 شهري هٿ ۽ اسپارٽا ۾ 39،000 ڪان مٿي ماڻهو نه هٿا؟ قديم ۽ جديد دؤر جي ماڻهن جي تعداد جي باري ۾ هيوم ۽ وٽليس جو مطالعو ضرور ڪجي.

باب - ڏهون
(خلاصو)

بادشاهه ڊيسيس، گئلس، ايميلئنس، ولرئن ۽ گئليئنس - بربرن جي حملي جو هر وقت خطرو - ٽيهه آمر حڪمران.

گائس، فرئنڪن (جرمن قبيلن) عاليماني ۽ فارسين طرفان 250 کان 268 عيسوي تائين روم جي بادشاهت تي پهرئن ڪاهُن يا حد دخليـن بابت، ڳڻن تفصيل سان اسانکي ٻڌائي ٿو. هو اسانکي گائس جي آڻ ڇڻي اصل نسل بابت ۽ احوال ڏئي ٿو ۽ روم وارن جي بيعزتيءَ جي داستان کان ۽ اسان کي آگاهه ڪري ٿو جڏهن فارس جي بادشاهه ساپور، روم جي بادشاهه وئلرئن کي 260ع ۾ قيد ڪيو هو. ان دؤر جي پڇاڙيءَ ۾، حملن، فتنن فسادن، ڏُڪر ۽ وبائي بيمارين سبب، روم جي بادشاهت جي آدمشماري تمام گهٽي پاڳي گهٽ ٿي وئي هئي.

باب - يارهون
(خلاصو)

ڪلاڊيس جي حڪومت - گائس جي شڪست - سوپون - شادمانا ۽ آريليَن جو موت.

بادشاهن ڪلاڊيس ۽ آريليَن جي حڪومت جي دؤر ۾ مليٽري جي نظم ۽ ضبط کي بحال ڪيو ويو ۽ روم جي بادشاهت جي اڳئين بختَ ۽ وقار کي ٻيهر برقرار ڪيو ويو. (268 کان 275ع تائين) گائس ۽ عاليماني قبيلن کي ڏِڪي ٻاهر ڪڍيو ويو توڙي جو ڊئسيا جي صوبي کي پيش پوَڻو پيو. بادشاهن جي دشمنن جيئن ٽيٽريڪَس ۽ زينب، (Zenobia) اوپر جي راڻي، جن پاڻ کي گال ۽ پاميرا ۾ مستحڪم بنايو هو، کي بادشاهه آريلين طرفان شڪست ڏني وئي. ڳڻن آريلين بادشاهه جي شاندار استقبال ۽ شادمانن جو ذڪر ڪري ٿو جڏهن هو 274ع ۾ روم واپس ٿيو هو ۽ ٽيٽريڪَس ۽ زينب کي هو قيدين جي حيثيت سان پاڻ سان گڏ وٺي آيو هو. هو سخت قسم جو حاڪم هو، پر، بهرحال ڪيس ۾ اڳئين سال قتل ڪيو ويو جڏهن هو فارس جي خلاف پنهنجين ڪارروَاين ۾ اڳتي وڌندو ٿي ويو.

باب - بارهون
(خلاصو)

آريلين جي مرڻ کانپوءِ، فوج ۽ سينيٽ جو ڪردار - ٽئسيٽس، پروبس، ڪئرس ۽ سندس پُٽن جي حڪومت.

گِبن اسانکي ٻڌائي ٿو تہ سن 275ع ۾ ڪهڙيءَ طرح ٽئسيٽس جي اليڪشن وسيلي روم جي سينيٽ جي اختيارن کي اڏو گابرو بحال ڪيو ويو هو. ٽئسيٽس هڪ بزرگ سينيٽر ۽ ساڳي نالي واري وڏي تاريخدان جي اولاد مان هو. هو ايشيا مائنر جي هڪ مُهر جوئيءَ دوران اڳئين سال مري ويو پر ملينري ڪمانڊر پروبَس سندس هڪ لائق جانشين ثابت ٿيو. هن ڇهن سالن جي عرصي ۾ رومي دنيا ۾ نظم ۽ ضبط ۽ امن امان کي بحال ڪيو. سندس موت کانپوءِ، جڏهن سينيٽر ۽ بادشاهي مُنهندار ڪئرس ۽ سندس ٻہ پُٽ ڪئرينَس ۽ نيومينرين بادشاهہ بڻيا تہ اندروني جهيڙا جهڳڙا تمام گهٽا وڏي ويا. ڪئرينَس هڪ وڏي ميدان تي مختلف راندين ذريعي ماڻهن کي وِندرائيندو رهندو هو ۽ گبن هن موقعي تي ان نمائش گاهہ جي شان شوڪت جو وڏي خوبصورتيءَ ۽ تفصيل سان تذڪرو ڪري ٿو. ساڳي وقت ڊائڪليشين کي فوج، بادشاهہ طور 284ع ۾ چُونڊي تخت تي ويهاري ٿي جنهن اڳتي هلي دنيوب نديءَ تي ڪئرينَس کي شڪست ڏني.

باب - تيرهون.

ڊائڪليشيَن ۽ سندس ٽن ساڻين، مئڪسمين، گئلريس ۽ ڪانسٽنٽيس جي حڪومت - امن ۽ سُڪون جي عام بحالي - فارس جي جنگ، سوپ ۽ خوشي - انتظام هلائڻ جو نئون طريقو - ڊاڪليشيَن ۽ مئڪسيمين جو تخت تان هٽ ڪڻ ۽ سندن واندڪائي.

ڊائڪليشيَن جي حڪومت جو دؤر سندس اڳيَن جانشينن جي پيٽ ۾ جيترو وڌيڪ نمايان هو تہ اوتروئي سندس ڇڙ نيچ ۽ اَڻ ڇڻو هو. اهليت توڙي طاقت ۽ زور آزمائيءَ جي دعوائن کي، شرافت ۽ معتبري جي مقابلي ۾، وڌيڪ اهميت هئي. پر انسانذات جي آزادي ۽ غلاميءَ وارن لاڙن جي وچ ۾ واضح فرق ۽ وتيءَ کي برقرار رکيو ويو هو. ڊائڪليشيَن جا والدين ائنولينس جي گهر ۾ غلام هئا جيڪو روم جو سينيٽر هو ۽ هو پاڻ به ڪا نمايان حيثيت رکندڙ نہ هو ۽ نہ وري ڪنهن پي نالي سان ڪيس ڇاتو ويندو هو سواءِ ان جي تہ جيڪا سندس سڃاڻپ ڊالمٽيا جي ننڍي شهر ۾ هئي اُها ئي پوءِ به رهي، جتي سندس ماءُ به پنهنجو شجرو وڃي ملائيندي هئي.[1] اهو، بهرحال ممڪن آهي تہ سندس پيءُ پنهنجي ۽ پوري ڪٽنب لاءِ آزادي حاصل ڪئي هجي ۽ پوءِ جلدي ڪاتب ٽيڙ جو عهدو ماڻيو هجي جيڪو ان زماني ۾ سندس حالتن سان مطابقت رکندڙ ماڻهو گهٽو ڪري اهڙي قسم جا ڪم ڪندا هئا.[2] سندس خداداد ۽ اعليٰ ذهن ڪيس هٿيارن جي ڏنڊي اختيار ڪرڻ ۽ پنهنجي مستقبل جي روشن اُميدن کي آزمائڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ اها ڳالهہ دلچسپيءَ کان خالي نہ هوندي تہ هنرن ۽ ڪاريگرين * ۾ سندس درجو وڏي اهميت وارو هو ۽ وري حادثاتي طور ڪيس موقعا به مليا تہ هو پنهنجن غيبي علمن جو مظاهرو ڪري ۽ اُنهن بابت پنهنجي ڄاڻ ۽ اهليت دنيا وارن تي به ثابت ڪري. ڊائڪليشين کي ميسيا جي حڪومت ۾ آسانيءَ سان ترقي ملي وئي جنهن ۾ ڪائونسل جي عهدي تي ترقيءَ ڪانسواءِ ڪيس محل جي محافظن جي مُنهندار جو عهدو به ملي ويو. فارس جي جنگ ۾ هن پنهنجي پرپور صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو ۽ نُميرين غلامَ جي مرڻ ڪانپوءِ، سندس دشمنن به هنجي صلاحيتن جي واکاڻ ڪئي ۽ ڪيس هر لحاظ سان شاهي تخت ماڻڻ جي اهل سمجهيو ويو. پر سندس خطرناڪ ساٿي مئڪسيمَن جي مذهبي جوش جي ڪدورت ۽ حسد سبب هن سندس ذاتي جرئت ۽ بهاديريءَ تي الزام مڙهيا ۽ شهنشاهہ ڊائڪليشين جي شهرت ۽ نالي کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.[3] اهو ايترو آسان نہ آهي تہ اسان جلد اها ڳالهہ مڃي وڃون تہ اهڙو بخت وارو ۽ بهادر سپاهي ڪو بزدل هو جنهن جي لاءِ فوجين جي دل ۾ به تمام گهٽو احترام هو ۽ ڪيترائي ويڙهاڪ شهزادا به سندس لياقتن سبب ڈاهَس متوجہ ۽ مائل تيا. ٻُهتان بازي ۽ ڪُوڙ ۾ به ايتري ڈاهپَ ضرور هوندي آهي تہ سندن طرفان جي ڪنهن تي حملو ٿيندو به آهي تہ اُهو فقط هي جي سخت ڪمزوريءَ مٽان ٿيندو آهي. ڊائڪليشين جي بهادري، سندس فرض ادائگيءَ ۾ ڪڏهن به پُٺتي نہ هٽي ۽ نہ وري جڏهن به ڪو موقعو آيو تہ ان ۾ هن ڪا ڪوتاهي ڪئي: پر ايترو ضرور آهي تہ هڪ سَپوت سڏائڻ جي ڪشاده دليءَ واري اهليت منجهس ڪانہ هئي جيڪو خطري ۽ شهرت کي گڏوگڏ پيار وارو پاڪر پائيندو آهي. مڪاري ۽ منافقت کان نفرت ڪندو آهي ۽ جرئت ۽ بهاديريءَ سان پاڻ جهڙن جي

فرمانبرداريءَ کي للڪاريندو آهي. سندس قابليت شاندار هئڻ جي بجاءِ ماڻهن لاءِ فائديمند وڌيڪ هئي: وٽس سوچيندڙ دماغ هو جنهن کي وسيع تجربي ۽ انسانذات جي مطالعي وڌيڪ پختو ۽ ذهين بنايو هو: کنهن بہ ڪر کي وڌي ڏڙتي ۽ تيزيءَ سان ڪرڻ جو عادي هو: قناعت ۽ آزاد خيالي واري درياهَ دلي توڙي طبيعت جي نرمي ۽ سختيءَ جو حسين سنگر هو: مليٽري جي روپ ڏارڻ ڪانپوءِ پنهنجي بهروپ کي بہ خوبصورتيءَ سان لڪائي ويندو هو: پنهنجي مقصد ۽ ارادن جي پوري ٽيڻ تائين لڳاتار ڪوشش ۾ مصروف رهندو هو: وسيلن جي گهٽ - وڌائيءَ ۾ لچڪيدار روَيو رکندو هو: منجهس وڏي ۾ وڏي خوبي اها هئي تہ پنهنجن توڙي ٻين ماڻهن جي جذبن کي هو پنهنجي مطلب ۽ ارادن اڳيان جُهڪائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو هو ۽ وري وٽس اهو فن بہ هو تہ پنهنجن ارادن کي انصاف جي گُهرجن ۽ عوام جي پلائيءَ جي رنگ ۾ رنگڻ ۾ بہ مهارت رکندو هو. آگسٽس وانگر. ڊائڪليشين کي بہ هڪ نئين شهنشاهت جو بنياد رکندڙ سرواڻ ڪوٺي سگهجي ٿو. سيزر جي اختيار کيل پُٽ وانگر، کيس بہ هڪ ويڙهاڪ جي بجاءِ مدبر ڪوٺجي تہ وڌيڪ مناسب لڳندو ڇو تہ ٻنهي مدبرن ان وقت طاقت جو استعمال هرگز نہ ڪيو جڏهن کين پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي سندن دانشمنديءَ واري پاليسيءَ ذريعي حاصل ٿيندي هئي.

ڊائڪليشيَن جو ڪمال اهو هو تہ سندس نرم ۽ مائيٽي طبيعت ئي کيس سوپَ ڊيارڻ جو ذريعو هئي. جيڪي ماڻهو فاتح جي طبيعت جي نرميءَ تي داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نہ سگهندا هئا، توڙي جو موت، ملڪ نيڪالي ۽ ملڪيت جي ضبطيءَ جون سزائون انصاف ۽ برابريءَ جي تقاضائن مطابق ڏنيون ويندیون هيون: پر ماڻهو ان وقت خوشيءَ واري حيرت ۾ اهو ڏسندي دنگ رهجي ويندا هئا تہ ڪيئن نہ شهنشاهه جي سهٽي سلوڪ جي ڪري خانہ جنگيءَ جا شُعلا جنگ جي ميدان تي ئي وسامي ويندا هيا. ڊائڪليشين ڪئرس جي خاندان جي وڏي وزير آرسٽوبيولَس کي اعتماد ۾ ورتو، پنهنجن مخالفن جي زندگين، سندن ملڪيتن ۽ وقار کي برقرار رکيو ۽ ڪئرينَس [4] جي ڪيترن ئي ملازمن کي پنهنجن ساڻين عهدن تي بحال رکيو جن تي هو اڳ ڪر ڪري رهيا هيا، اهو ناممڪن ڪونهي تہ دوراندیشيءَ جا ارادا ممڪن آهي ڊالميشين جي منافقت واري روَيي جي شايد مدد ڪري سگهن ڇو تہ ڪيترن ئي نوڪرن سندس مهربانين کي مخفي طرح ۽ مڪاري سان خريد ڪري ڇڏيو هو ۽ ٻين ۾ وري هن، بدقسمت مالڪ سان وفاداريءَ جي جذبن کي ڏني هو. آريلين، پروبس ۽ ڪئرس جي انصاف ۽ رواداريءَ سبب ملڪ جي ڪيترن ئي ڪاتن توڙي فوج ۾ نمايان اهليت رکندڙ ماڻهن کي پرتي ڪيو ويو هو، جن کي جيڪڏهن اُتان هٽايو وڃي ها تہ سروس جي اصولن ۽ نظم ۽ ضبط کي هڪ جهٽڪو لڳي ها ۽ ايندڙ جانشين کي بہ ڪو فائدو نہ پهچي ها. اهڙي سڻي روَيي دنيا تي نئين حڪومت جي بهتر مستقبل لاءِ سڻا اهڃاڻ پيدا ڪيا ۽ بادشاهه اهڙن خوشگوار گهڙين جي ڇڻ اڳواڻ ئي تصديق ڪري ڇڏي جڏهن هن واضح طرح سان هن ڳالهه جو اظهار ڪيو تہ پنهنجن اڳين سينيي جانشينن جي ڪردار ۽ اخلاق جي مقابلي ۾، سندس ذاتي ۽ وڏي ۾ وڏي خواهش اِها هئي تہ هو مارڪَس ائنٽونينَس* [5] واري رحمدلي ۽ انسانيت واري فلسفي کي پنهنجو رهبر بنائي ۽ حڪومت جي ڪاروبار کي ان مطابق هلائي.

سندس حڪومت جي پهرئين تاثر صاف ظاهر ٿي ڪيو تہ هو بيحد مخلص ۽ اعتدال پسنديءَ تي يقين رکندڙ هو. مارڪَس جي مثالَ جي پيروي ڪندي، هن پنهنجي لاءِ مڪسمين جي روپ ۾ هڪ ساڻي چُونڊيو جنهن کي پهريون

The Roman Empire under Diocletion, AD c.300

تہ سيزر جو خطاب عطا ڪيائين ۽ ان کانپوءِ وري ڪيس آگسٽس [6] جو لقب پڻ ڏنائين. پر سندس ان عمل جو اصل مقصد ۽ سندس انتخاب جي نيت ۽ ارادا سندس اڳئين تعريف لائق جانشين کان بلڪل مختلف هيا. هڪ آسائش پسند نوجوان کي جڏهن مارڪس شاهي لباس ڏيندي سندس مرتبي کي مٿاهون بنايو هو تہ ملڪ جي خرچ ۽ ذميداريءَ تي، حقيقت ۾ هن پنهنجي ذاتي احسان لاهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پر هڪ دوست ۽ ساٿي سپاهي کي حڪومت هلائڻ جي ذميوارين سان پاڻ سان گڏ رکي، ڊائڪليشين، دراصل عوامي خطري جي نازڪ گهڙيءَ ۾ مشرق توڙي مغرب جي خطرن کان محفوظ رهڻ ٿي چاهيو. مئڪسيمين ڇائي ڇر جو هڪ هاري هو ۽ آريلين وانگر سُرميرِ جي خطي ۾ پيدا ٿيو هو. بلڪل جاهل هو. [7] قانون جي ڪيس کا بہ سُڌ کا نہ هئي، هلت چلت ۽ اُٺڻي ويهڻيءَ ۾ سندس جهنگلي پٺو نمايان ۽ نروار هوندو هو جنهن سبب هو مٿاهين مرتبي تي پهچي بہ پنهنجي اصل نسل کي پنهنجي ئي جهالت سبب لڪائي نہ سگهندو هو. فقط جنگ ئي هڪ اهڙو شعبو هو جنهن ۾ هو مهارت رکندو هو. پنهنجي ملازمت جي ڊگهي عرصي ۾، هن بادشاهت جي هر سرحد تي پنهنجا جنگي جوهر ڏيکاريا هيا ۽، توڙي جو جيڪا هن فوجي سِکيا حاصل ڪئي هئي، ان ۾ حڪر هلائڻ جي بجاءِ، حڪر مڃڻ جي تربيت حاصل ڪئي هيائين، ۽ شايد ان باعث، بهرحال، هو پاڻ کي ڪڏهن بہ هڪ مڪمل جنرل نہ بنائي سگهيو هو. پر هُو، تمام ڏکين جنگي معرڪن ۾ بہ پنهنجي جرئت، تجربي ۽ لڳاتار محنت سبب، حڪمن جي بجا آوري ڪندي ڪاميابيون ماڻيندو رهيو هو. مئڪسيمين جون خاميون بہ سندس محسن لاءِ بي فائدي نہ هيون. هن وٽ رحر جو احساس ئي ڪو نہ هو ۽ نتيجن کان بيپرواهہ ۽ بيخطر رهندو هو تنهنڪري هو چالاڪ شهنشاهہ جي تورِي اشاري تي بہ ماڻهن سان هر طرح جو ظلم ۽ زيادتي ڪري ويندو هو ۽ شهنشاهہ پاڻ کي اهڙين زيادتين کان انڪاري ۽ لاتعلق رکندو هو. هڪ دفعي، دانائيءَ مان يا وري بدلي وٺڻ جي خيال کان هڪ قرباني ذريعي وڏي رتو چاڙ ڪئي وئي تہ جيئن ئي ڊائڪليشين کي ان واقعي جي خبر پئي تہ هن وچ ۾ مداخلت ڪندي باقي ماڻهن جون جانيون بچايون جن کي هن ڪڏهن بہ سزا ڏيڻ نٿي چاهِي، پنهنجي اعتماد واري ساٿيءَ کي ايڏي سختي ۽ ظلم ڪرڻ تي تنبيهہ ڪيائين ۽ لوهہ توڙي سونهري دوُر جي پيٽ ڪرڻ تي سندس ساراهہ ٿي چو تہ اِهي ئي پئمانا هوندا هيا جن ذريعي هڪ ٻئي جي مخالف حڪومتن جي پيٽ ڪٽي ويندي هئي. سندن اخلاق ۽ ڪردار جي واضح فرق جي باوجود، ٻنهي شهنشاهن پنهنجي تخت تي، پنهنجي دوستيءَ کي قائم رکيو جيڪا هنن جي وچ ۾ سندن ذاتي حيثيتن ۾ ٿي هئي. مئڪسيمين جو تڪبر ۽ انتشار وارو مزاج، جيڪو بعد ۾ سندس ۽ ماڻهن جي امن امانَ لاءِ موتمار ثابت ٿيو، پنهنجي دوست ڊائڪليشين جي ذهانت جو، بهرحال احترام ڪندو هو ۽ سندس خوبصورت دليلن کي پنهنجي ظالمانہ تشدد کان بهتر ۽ مٿاهون سمجهندو هو. [8] فخر جي جذبي يا وري ڪنهن وهم وسوسي جي اثر کان، ٻنهي شهنشاهن پنهنجي لاءِ خطاب چونديا، هڪڙي جووِئس جو تہ ٻئي هرڪيولس جو لقب اختيار ڪيو. جڏهن تہ دنيا جي گردش، (سندن پٽسن تي وڪامندڙ تقرير جي ماهرن جي اها ٻولي هوندي هئي) کي هر طرف نظر رکڻ وارو جوپيٽر ديوتا، پيو سنيالينڈو هو تہ وري هرڪيولس جي طاقت ۽ شڪتي، زمين کي خوفناڪ درندن ۽ آمرن کان پاڪ ڪري ڇڏيو هو. [9]

پر جوويَس ۽ هرڪيولس جي زبردست گڏيل قُوت بہ عوامي انتظام جي بار برداشت ڪرڻ لاءِ ناڪافي هئي، ڊائڪليشين جي دانشمنديءَ اهو محسوس ڪيو هو تہ شهنشاهت، جيڪا هر طرف کان بربرن جي خطرن سان وکوڙيل هئي، کي وڌيڪ فوج ۽ هڪ بادشاهہ جي سخت ضرورت هئي. هيءَ ڳالهہ ذهن ۾ رکندي هن هڪ دفعو وري پنهنجي لامحدود اختيارن کي ورهائڻ چاهيو ۽ ٻن جنرلن کي جيڪي وڏي شهرت ۽ اهليت رکندڙ هيا، سيزرس جا ننڍا لقب ڏئي کين هڪ جيترا حڪومتي اختيار ڏئي چڏيا. [10] گئلريَس جنهن جو ٻيو نالو آرمينٽريَس هو جنهن جو اصل پيشو ڏنارن وارو هو ۽ ڪانسٽئنٽيَس، جنهن جو جسماني رنگ پيلاڻ تي مائل هو، کي ڪلورَس [11] جو لقب يا سجاڻپ ملي: اهڙي طرح ٻنهي کي شاهي اعزازن ۽ اختيارن جا ٻي نمبر تي انعام ڏنا ويا. هرڪيولس جي ملڪ، اصل نسل ۽ طور طريقن بابت بيان ڪندي، اسان گئلريس بابت اڳ ۾ ئي ٻڌائي چڪو آهي جنهن کي اڪثر ڪري، پر خواہ مخواہ نہ، نندو مئڪسيمين سڏيو ويندو هو توڙي جو هو ڪيترن ئي اخلاق عادتن ۽ قابليت جي ڳالهين ۾ وڏي جي طور طريقن کان گهٽو اوڇو ۽ متاهون شخص هو. ڪانسٽئنٽيَس جو ڇوڪرو سندس ساڻين جي پيٽ ۾ هرو پرو ايترو اڳ ڄڻو نہ هيو. سندس پيءُ يوٽروپيَس ڊاردنيا جو نهايت ئي معزز ماڻهو هو ۽ سندس ماءُ بادشاهہ ڪلاڊيَس جي پائٽي هئي. [12] توڙي جو ڪانسٽئنٽيَس جي جواني هٿيارن ۾ گذري هئي، پرڪيس قدرت طرفان هڪ مائيٽي ۽ نرم طبيعت عطا ٿيل هئي ۽ عام ماڻهن جي زبان تي سندس ترقيءَ جون خواهشون ۽ دعائون گڏيل هيون ۽ نيٺ هُن اُهو رتبو ماڻيو جنهن جو هُو هر لحاظ سان لائق هو. سياسي توڙي گهريلو لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ ٻنهي شهنشاهن جي محبت ۽ ايڪي هر هڪ سيزر لاءِ پيءُ جو ڪردار ادا ڪيو: ڊائڪليشين، گئلريَس لاءِ ۽ مئڪسيمين، ڪانسٽئنٽيَس لاءِ؛ ۽ هر هڪ سندس احسانمندي کي مجيندي، پنهنجين پهرين زالن سان ناتا توڙي چڏيا ۽ هن پنهنجي ڏيءُ جو سگ پنهنجي اختيار ڪيل پٽ کي ڏنو. [13] هنن ڇئن شهزادن، روم جي وسيع بادشاهت کي پاڻ ۾ ورهائي چڏيو. گال، اسپين [14] ۽ برطانيہ جي حفاظت ڪانسٽئنٽيَس جي حوالي ڪئي وئي، گئلريَس کي دنيوب جي ڪنارن جي حفاظت جو ذمو سؤنپيو ويو تہ جيئن هو اِليرين صوبن تي چوڪسي ڪري. اٽلي ۽ آفريڪا کي خاص طور تي مئڪسيمين جا ڪاتا سمجهي ان جي حفاظت سندس حوالي ڪئي وئي ۽ ڊائڪليشين ٿريس، مصر ۽ ايشيا جا خوشحال ملڪ خاص پنهنجي نگراني ۾ هيٺ رکيا. هر کو پنهنجي انتظامي حدُن ۾ خود مختيار هو پر اُنهن جو ايڪو ايڈو تہ ڪمال جو هو جو سپيئي ساڳي وقت ۾ڄڻ سڃي شهنشاهت جا والي ۽ وارث پاڻ هيا ۽ وقت اچڻ تي يا ضرورت پوڻ تي هڪڙو ٻي جي مدد ۽ مشورن لاءِ هر وقت تيار رهندو هو. سيزرس پنهنجي متاهن رتبن تي رهندي بہ بادشاهن جو پورو احترام ڪندا هيا ۽ تي ننڍا شهزادا، احسانمندي جا ڳُڻ ڳائيندي ۽ فرمانبرداري ڪندي وڏي شهنشاهہ جي تورن ۽ مهربانين کي هر وقت ورجائيندا رهندا هيا. طاقت ۽ اقتدار جي شڪن شبهن جي هِنن وٽ ڪا گنجائش ڪا نہ هئي، سندن ايڪي ۽ اتحاد کي موسيقيءَ جي ڪورَس سان پيٽيو ويو آهي جنهن ۾ سُرَن جو ميلاپ پهرئين فنڪار جي هنرمند هٿن ذريعي قائم رهندو آهي. [15]

ايڪي ۽ اتحاد جو هي ڪارنامو مئڪسيمين جي ڇهَن سالن جي ساڻ ڪان پوءِ عمل ۾ آيو هو پر وچ ۾ جيڪو وقفو آيو هو تہ اُهو بہ ڪيترن اهر واقعن ڪان خالي نہ هو. پر اسان وضاحت جي خيال ڪان ان ڳالهہ کي وڌيڪ اهميت ڏني آهي تہ سڀ ڪان پهريون ڊائڪليشين جي حڪومت جي صحيح ۽ مڪمل طور طريقي کي تفصيل سان بيان

ڪجي ۽ ان کان پوءِ سندس حڪومت ۾ جيڪي ڪَر ٽيا اُنهن جو ذڪر ڪجي ۽ جيڪي بہ واقعا يا حادثا پيش آيا اُهي بہ بيان ڪجن بجاءِ ان جي جو تاريخن جي تفصيل ۾ وڃجي جنهن ۾ هميشہ موجهارو پيدا ٿيندو رهندو آهي.

مئڪسيمين جي پهرئين جنگي معرڪي ڪي، توڙي جو ڪجهہ اڏوڻ ليڪن تورڻ لفظن ۾ بيان ڪيو آهي، انساني طور طريقن جي تاريخ ۾ پنهنجي اهميت جي لحاظ سان ان کي وڌيڪ وضاحت سان پيش ڪرڻو آهي. هن گال جي هارين کي زور آزمائيءَ ذريعي خاموش ڪيو جيڪي باگاڊي [16] (Bagaudae) جي لقب سان اُپري اٽيا هيا ۽ بلڪل اهڙيءَ طرح فساد برپا ڪري ڇڏيو هيائون جيئن ۽ جهڙيءَ طرح چوڏهين صدي عيسوي ۾ ڪجهہ وڳوڙين فرانس ۽ انگلنڈ [17] ۾ ماٺهن کي تڪليفون پهچايون هيون. لڳي ائين ٿو تہ اهڙي قسم جا ادارا جن لاءِ آساني‌ءَ سان چئي سگهجي ٿو تہ اهي جاگيرداري نظام جي پيداوار هوندا آهن، حقيقت ۾ اُهي ڪلڻي بربرن پيدا ڪيا هيا. جڏهن سيزر گالن کي پنهنجي تابع ڪيو تہ اُها عظيم قوم اڳ ۾ ئي ٽن طبقن ۾ ورهايل هئي: ڪليسا وارا مذهبي، اميرَ ۽ عوام. پهرئين طبقي تي وهمن وسوسن جي حڪومت هئي، ٻيو هٿيارن جي زور تي حڪومت ڪندو هو ۽ پويون يعني عوامي طبقو ويچارو ڪنهن بہ ڳڻپ يا حساب ڪتاب ۾ ڪو نہ هو ۽ نہ وري اُنهن جو عوامي ڪائونسلن سان ڪو تعلق هو. اهڙي صورتحال ۾ عام، هينئين ۽ روڙو طبقي لاءِ جيڪي يا تہ قرضن ۾ ورتل هيا يا ڪين سماجي زخم رسيل هيا، اهو عين فطري هو تہ هُو ڪنهن طاقتور سردار يا سرواڻ کي منتون ڪن تہ سندن حفاظت ڪري جن کي سندن ذات يا ملڪيت تي اوترائي پورا ۽ مڪمل اختيار هوندا هيا جيترا يونانين ۽ رومين ۾ هڪ مالڪ کي پنهنجن غلامن تي هوندا هيا. [18] قوم جو گهٽي ياگي حصو تہ غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙجي ڇڪو هو: جيڪي مجبور ۽ محڪوم ٿي لڳاتار گالن جي اميرن جي ملڪيتن تي محنت مزوري پيا ڪندا هيا؛ نہ رڳو ايترو پر اُنهن کي اميرن جي زمينن تي هميشہ رهڻ لاءِ هٽڪڙيون يا ٻيڙيون هڻي مجبور ڪيو ويندو هو يا وري ظلم ۽ زبردستي جي قانوني ٻيڙيَن ذريعي کين سوگهو ڪيو ويندو هو. ڪئلئيَس بادشاهہ کان وٺي ڊائڪليشيَن جي حڪومت تائين، گالن جي لاءِ تڪليفن ۽ اذيتن جو هڪ ڊگهو دوُر هو جن کين پريشان ڪري ڇڏيو هو ۽ خاص طرح جيڪي غلام هاري هئا، اُنهن جي حالت نهايت ئي بُري ۽ رحم جوڳي هئي ڇو تہ متن ساڳي ئي وقت تي سندن مالڪن هٿان، بربرن طرفان، سپاهين وٽان ۽ روينيو ڪاتي جي آفيسرن کان، [19] مطلب تہ هر طرف کان هو ظلمن ۽ عذابن جو شڪار ٿيندا رهيا هيا.

سندن صَبر آخرڪار تراسائيءَ ۾ بدلجي بيدار ٿي چڪو هو. هو وڏن هجومن ۽ انبوهن جي صورت ۾ بهراڙين جا جيڪي بہ هٿيار کين هٿ آيا تہ اُهي کڻي اُٽيا ۽ ضابطي ۾ نہ ايندڙ ڪاوڙ ۽ غضب مان هر طرف کان نڪري نروار ٿي پيا. هڪ هُر ڪاهيندڙ پيادل سپاهي ٿي ويو. ڏنارُ گهوڙي جي پٺيءَ تي چڙهي ويو. جيڪي ڳوٺ ۽ شهَر ماٺهو ڇڏي ويا هيا اُنهن کي باهيون ڏئي ساڙيو ويو ۽ جيڪا تباهي هنن هارين آندي هئي اُها خطرناڪ بربرن جي مقابلي ۾ ڪنهن بہ طرح گهٽ نہ هئي. [20] اُنهن انسان کي سندس فطري حق واپس ڏيڻ ٿي زور ڏنو. پر اُنهن اُهي حق وحشي ۽ ظالماڻي طريقي سان گهُريا. غلام هارين طرفان انتقام وٺڻ جي جائز خوف کان، گالن جا امير ۽ نوابَ يا تہ قلعن وارن شهرن ۾ وڃي لِڪا يا وري هن سخت افراتفري جي جهنگلي ۽ وحشيانہ ڪارروائيءَ کان نا معلوم هنڌن تي هليا ويا. هارين هاڻي بغير ڪنهن ضابطي يا رُڪاوٽ جي حڪومت تي ڪئي ۽ سندن ٻن جرئت وارن ليڊرن تڪڙ ۽

حماقت کندي بادشاهي اختيارن جو اعلان کندي اُنهن کي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو [21] پر سندن طاقت جي ڦُوڪڻي مان، فوجين جي پهچڻ شرط، هوا نڪري وئي. سندن اتحاد، نظم ۽ ضبط سبب فوجين کي هِنن ڇُڙواڳ ۽ پاڻ ۾ ورهايل هجوم تي فتح ڪرڻ ۾ ويرم ئي کانه لڳي [22] اُنهن هارين سان تمام سختيءَ جو ورتاءُ ڪيو ويو جن وٽان هٿيار ملیا هيا، جيڪي خوف ۾ هيسيل ۽ دِنل هئا، اُهي پنهنجن ماڳن تي موٽي آيا، ۽ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ سندن ڪوششون بريءَ طرح ناڪام ٿيون جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته سندن غلامي جيڪا اڳ ڪڇي هئي، هاڻي ان جو ڳُڻُ پڪو پختو ٿي سندن ڳچين ۾ پئجي ويو. شهرت وارين روايتن يا جڏهن جو وهڪرو ايترو ته تيز ٿئي ٿو جو اسان شايد اها جرئت ڪريون ته جيڪو ٿورو گهڻو مواد اسانکي ميسر ٿيو آهي، ان کي بنياد بنائي اسان هن جنگ جي باري ۾ تفصيل سان لکون؛ پر اسان کي ايا اعتبار نٿو اچي ته مڪيه ليڊَر ايلينَس ۽ اَمئنڊَس عيسائي هيا، [23] يا وري اهو اشارو ته فساد جيڪو لُوٽر جي وقت ۾ ٿيو هو، اُهو عيسائيت جي مهرباني ۽ رحم جي اصولن جي واضح ڀڳڙي ۽ غلط استعمال جي ڪري برپا ٿيو هو - اُهي اصول جيڪي انسانذات لاءِ فطري آزاديءَ جي سفارش ڪن ٿا.

ايا مئڪسيمين گال کي، هارين جي قبضي مان ڇڏايو مَس هيو ته برطانيه ڪانئُس کسجي ويو جنهن تي ڪئراسيَس قبضو ڪري ورتو. جڏهن کان وٽي پروبَس جي حڪومت ۾ فرئنڪن اُپهرا پر ڪامياب بهاديءَ جا ڪارناما ڏيکاريا هيا ته سندن ملڪ جي بهادر ماڻهن ننڍن ساموندي جهازن کي ڳچ تعداد ۾ تعمير ڪري ورتو هو، جن ۾ ويهي هو سمنڊ جي پرپاسي وارن صوبن کي قُري تاراج ڪندا هئا. [24] اهڙن فضول ۽ بي سبب پيش قدمين کي روڪڻ لاءِ ساموندي طاقت کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي ۽ هن سئي ڪر کي دوراندیشي ۽ همت سان اڳتي وڌايو ويو. گيسورئڪس يا بولُون جيڪو " برٽش چئنل" جو سوڙهو پاڻيءَ جو لنگهه آهي، کي شهنشاهه طرفان روم جي جنگي بيڙي جي لنگر انداز ٿيڻ جو هنڌ چُونڊيو ويو ۽ ڪئراسيَس کي ان جي ڪمان ڏني وئي جيڪو مينوپيا جي گهٽ نسل جو ماڻهو هو [25] پر جنهن پائلٽ توڙي هڪ سپاهيءَ جي حيثيت ۾ پنهنجي ذهانت ۽ بهاديءَ جا نمايان ڪارناما بجا آندا هيا. نئين ائڊمرل جي ساڪ، سندس قابليت سان مطابقت نه پئي رکي. جڏهن جرمن لُٽيرن پنهنجن بندرگاهن تان ساموندي سفر شروع ڪيو ته هُن ساٺن ساز باز ڪري کين گذرڻ ڏنو. پر وري سندن واپسيءَ تي هن سندن رستو روڪيو ۽ سندن ٽرلٽ جي مال مان ڪافي حصو هن پنهنجي ذاتي استعمال لاءِ رکي ڇڏيو. هن موقعي تي ڪئراسيَس جي دولت کي جائز طور تي سندس طرفان ڪيل خيانت جو ڇٽو ثبوت سمجهيو ويو؛ جنهن تي مئڪسيمين اڳ ۾ ئي سندس موت جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو هو. پر چالاڪ مينوپيَن خطري جي گهنٽي کي ٻُڌي ورتو ۽ شهنشاهه جي امڪاني سختيءَ کي روڪي ڇڏيو. جنهن جنگي بيڙي جي هن ڪمان ٿي ڪئي، ان کي هن وڏو خرچ ڪري پاڻ سان شامل ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي مطلب تارڻ لاءِ بربرن جي حفاظت ڪيائين. بولون جي بندر کان بيڙو ڪاهي برطانيه پهتو، فوجن ۽ فوجي مددگار جٽن کي آماده ڪيائين ته هو سندس ساٿ ڏيڻ ۽ وڏي بهاديءَ سان آگسٽَس جو شاهي لقب اختيار ڪيائين ۽ پنهنجي شهنشاهه سان بيوفائي ڪندي سندس نظام، انصاف ۽ هٿيارن کي للڪاريائين. [26]

جڏهن برطانيه باقي شهنشاهت کان ٽُٽي ڌار ٿي چڪو هو ته اَن جي اهميت کي تحمل سان محسوس ڪيو ويو ۽ ان وڏي نقصان تي بيحد افسوس جو اظهار ڪيو ويو. روم وارن ان زبردست ٻيٽ جي اهميت تي خوشيون ملهايون

هيون جنهن ۾ هر طرف کان بندرگاهه هيا، دلکش آبهوا، زبردست موسم، بيحد زرخيز زمين جنهن ۾ جهجهو اَنُ ۽ بيشمار شراب جو وليون پيدا ٿيندين هيون، منجهس قيمتي معدنيات پريا پيا هيا، نظر کُٽڻ تائين سبز ساوڪ وارا چراگاهه ۽ اُنهن تي چَرندڙ ڏاڍ ۽ وري جهنگلات جيڪي خوش قسمتيءَ سان وحشي جانورن ۽ زهريلن نانگن کان آجا هيا ته گويا اُتي سيئي نعمتون موجود هيون. سڀ کان وڏي ڳالهه ته برطانيه مان جيڪا دولت کين ملندي هئي ته ان کان محروم ٿيڻ تي سيني کي ڏاڍي تڪليف پهتي: پر پوءِ وري ٿڏو ٿيندي جڏهن وڏيڪ سوچيائون ته تسليم ڪيائون ته اهڙي صوبي کي پورو حق تو پهچي ته انکي هڪ مڪمل خودمختيار بادشاهت جا اختيار هجن. [27] ستن سالن تائين اهو ڪئراسيَس وٽ رهيو: پوءِ هڪ فساد برپا ٿيو جنهن ۾ بہ بخت ۽ سازگار ماحول سندن ساٿ ڏنو، ۽ وري همت ۽ اهليت بہ ساٿس شامل هئي. برطانيه جي بادشاهه، اُتر جي ڪئليدونيَنس خلاف پنهنجي حڪومت جي سرحدن جي حفاظت ڪئي، ڪيترن ئي ماهر فنڪارن کي سڃي خطي مان دعوت ڏئي گهرايو ويو ۽ ڪيترن ئي سِڪَن تي جيڪي اڄا تائين سلامت آهن، سندس پسند ۽ دولت کي اُڪرايو ويو. فرئنڪن جي سرحدن تي جائو هو انڪري سندن بهادر ماڻهن سان دوستيءَ جا رشتا جوڙيائين ۽ سندن لباس ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جي تعريف خوشامد جي دائرن تائين ڪيائين. سندن بيحد بهادر نوجوانن کي زميني ۽ سامونڊي فوجن ۾ داخل ڪيو ويو ۽ هن فائديمند معاهدي جي موٽ ۾، هن بربرن کي فوجي ۽ سامونڊي جنگي مهارت بابت خطرناڪ ڄاڻ سندن حوالي ڪري ڇڏي. ڪئراسيَس اڄا تائين بولون ۽ پرپاسي واري ملڪ تي پنهنجو قبضو ڄمايون ويٺو هو، سندن جنگي ٻيڙن فتح ۽ شاماني‌ءَ مان ڇٽل پارڪئي، سين ۽ رائين ندين (Seine & Rhine) جي مُهڙَن تي وڃي ديرا ڄمايائين، سمنڊ جي ڪنارن تي جيڪو ڪجهه هو اُن کي ڦري ناس ڪيائين: ۽ اهڙي طرح هرڪيولس جي ٿنڀن کان بہ پري تائين سندس نالي جو خوف ۽ هراس پکڙجي ويو. سندس ڪمان هيٺ برطانيه، جنهن جي مقدر ۾ ڇڻ لکجي چڪو هو ته مستقبل ۾ هو سمنڊ جي بادشاهت ماڻيندو، اڳ ۾ ئي هو سامونڊي طاقت جو فطري ۽ هڪ باوقار مقام حاصل ڪري چڪو هو. [28]

بولُون جي آرماڙ جي قبضي کرڻ سان ڪئراسيَس پنهنجي مالڪ کي اڳتي وڌڻ ۽ بدلي وٺڻ کان ڇڻ روڪي ڇڏيو هو. ۽ جڏهن خرچن، وقت ۽ محنت کرڻ ڪانپوءِ جنگي جهازن جو ٻيڙو پاٽيءَ ۾ لاتو ويو [29] ته شاهي فوجون جن کي هن سِرشتي جي رتيءَ ماتر بہ ڄاڻَ نه هئي، حيران ٿي گهبرائجي ويا ۽ آسانيءَ سان قابض جي سامونڊي ناڪُٽن هٿان شڪست کائي ويا. هن ناڪام ڪوشش جو نتيجو اهو نڪتو ته هڪ صلحنامو عمل ۾ اچي ويو. ڊائڪليشين ۽ سندس ساٿي جيڪي هاٿي ڪئراسيَس جي خطرناڪ ارادن کان خوفزده ٿي ويا هيا، برطانيه جي خودمختياريءَ تان هٿُ کڻندي اهو حق سندس حوالي ڪري ڇڏيائون ۽ مجبوريءَ منجهان پنهنجي دوکيباز نوڪر کي شاهي اعزازن ۾ شريڪ ڪيائون. [30] پر هن سيزرس کي پُٽيلو بنائڻ جي قدمَ روم جي فوج ۽ هٿيارن ۾ هڪ نئون روح ڦُوڪي ڇڏيو: هڪ طرف رائين جي حفاظت جو اُلڪو مُڪسيمين جي موجودگيءَ سبب پلجي ويو ته ٻي طرف سندس بهادر ساٿي ڪانسٽنٽيَس، برطانيه جي جنگ جي ڪمانَ سنياڻي ورتي. سندس پهريون حملو بولُون جي اهم هنڌ خلاف هو. بندرگاهه جي هُن طرف هڪ تمام وڏو بَنڊ هو پر وڏي ۽ مضبوط حفاظت کرڻ جي جذبي اڳيان شهَر نيٺ آڻ مجي ۽ پيش پيو ۽ ڪئراسيَس جي سامونڊي طاقت جو وڏو حصو گهيرو ڪندڙن جي هٿ چڙهي ويو. ٽن سالن جي عرصي ۾

کانسٽنٽيس جيڪا زبردست آرماڙ برطانيہ کي فتح ڪرڻ لاءِ تيار ڪئي هئي، تہ ان جي مدد سان هن گال جا ڪنارا هٿ ڪيا، فرئنڪن جي ملڪ تي حملو ڪيو ۽ غاصب کي سيني طاقتور اتحادين جي مدد ۽ سهڪار کان محروم ڪري ڇڏيائين.

تيارين پورين ٿيڻ کان اڳ، ہر ٻئي کانسٽنٽيس کي آمر جي مرڻ جي ڪُڙڪ پئجي وئي ۽ ان کي فتح جو يقيني ۽ نيڪ شگون سمجهيو ويو. ڪنراسيس جي نوڪرن پنهنجي مالڪ جي غداريءَ جي پاڻ ہ پوئواري ڪئي. هن کي اليڪٽس قتل ڪيو هو جيڪو سندس پهريون وزير هو ۽ قاتل ٻئي سندس جانشين ہ ٿيو تہ ايندڙ خطرن ہر حصيدار ہ ٿي ويو. ہر منجهس ايتري قابليت ٻئي کان هئي جو حڪومت هلائي سگهي يا خطرن کي ٽاري سگهي. هن پنهنجي ڪَنڊَ جي ڪنارن ڏانهن ڏاڍي حيرت مان ٻئي نهاريو جيڪي اڳ ہر ٻئي هٿيارن، فوجين ۽ جهازن سان پريل هيا، پوتہ کانسٽنٽيس وڏي عقلمنديءَ سان پنهنجين فوجين کي ورهائي سيني هنڌن تي مقرر ڪري ڇڏيو هو تہ جيئن هو پنهنجي دشمن کي ہ ورهائي ڇڏي ۽ سندس مقابلي ڪرڻ جي طاقت کي ہ ڪمزور ڪري ڇڏي. نيٺ مُنهندار ائسڪليپيوڊوٽس جي ڪمان ہر، جيڪو هڪ نهايت ٿي اهليت وارو آفيسر هو، مڪيہ جهازن جي آرماڙ طرفان حملو ڪيو ويو. هي جهاز سين درياهہ جي مُهڙَ وٽ جمع ڪيا ويا هيا. ان زماني ہر جهاز رانيءَ جو فن ايترو تہ پنڌتي پيل هو جو تقرير جا ماهَر روم وارن جي ان جرئت تي داد ڏيندا هيا تہ ڪيئن نہ اُهي پنهنجا ٻيڙا تڏهن هلائيندا هيا جڏهن ڪو طوفان يا تيز هوا گُهلندي هئي ۽ اُهي ٻيڙيون يا جهاز هوا جي رُخَ جي مطابقت سان هلائيندا هيا. موسم سندن مسافريءَ کي وڌيڪ آسان بنائيندي هئي. تمام گهاٽي ڏُنڌ يا ڪوهيڙَ ہر هن اليڪٽس جي آرماڙ کي بچائي ورتو جيڪا وائيٽ جي ٻيٽ کان ڪجهہ پرپرو بيهاري وئي هئي تہ جيئن سندن استقبال ڪري سگهن: اُها آرماڙ سلامتيءَ سان اولهندي ڪناري جي ڪنهن محفوظ جڳهہ تائين پهچي وئي ۽ برطانيہ وارن کي صاف طرح چيو ويو تہ سامونڊي طاقت جي برتري کين هر وقت ڪنهن ٻاهرئين حملي کان بچائي نہ سگهندي. اسڪليپيوڊوٽس جيئن ٻئي پنهنجن جهازن مان لٿو ۽ سامان ہ لاٽائون تہ شاهي فوجين جهازن کي باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيو ۽ جيئن تہ هيءَ سامونڊي مهم پاڻَ واري ثابت ٿي هئي تہ سندن جرئت ۽ بهادريءَ واري روَيي جي آفاقي سطح تي تعريف ڪئي وئي، غاصب لنڊن جي ويجهو ڪٽي شايد ان انتظار ہر ديرو ڇمائي وينو هو تہ کانسٽنٽيس وڏو حملو ڪندو جو هُو ذاتي طور تي بولُون جي آرماڙ جي ڪمان ڪري رهيو هو، پر هڪ نئين دشمن جي ظاهر ٿيڻ سبب اولهندي طرف سندس ذاتي موجودگي تمام ضروري ٿي پئي. هن هي ڏيکهہ ڏاڙو ڪر ايترو تہ جلد بازيءَ ہر ڪيو جو مُنهندار جي پوري فوجي آتالي سان هن پنهنجي مختصر فوجين، جيڪي ڪجهہ ڏنل ۽ دل شڪستا هيا، سان مقابلو ڪيو. هن جنگ کي، اَليڪٽس جي مڪمل شڪست ۽ سندس موت کان پوءِ، جلد ٿي بند ڪرڻو پيو: ۽ اهڙيءَ طرح فقط هن هڪڙي جنگ، هن وڏي ۽ اهم ٻيٽ جي قسمت جو فيصلو ڪري ڇڏيو: ۽ جڏهن کانسٽنٽيس، ڪينٽ جي ڪناري تي اچي لٿو تہ ڪيس اطمينان ٿيو تہ سندس رعيت جا ماڻهو فرمانبردار هئا. اُنهن سيني گڏجي ۽ وڏي آواز سان فاتح کي داد ڏنو جو تہ سندس ڪردار ايترو تہ سٺو ۽ پسنديده هيو جو جيڪو اسان کي ان ڳالهہ مڃڻ تي آماده ڪري تہ هن انقلاب مان رعيت جا ماڻهو پوري

خلوص ۽ سچائيءَ مان خوش ٿيا هيا جو ڏهن سالن جي جدائيءَ کان پوءِ، برطانيہ هڪ دفعو وري روم جي شهنشاهت ۾ ملي انجو حصو ٻڌجي ويو. [31]

برطانيہ کي گهريلو دشمنن کانسواءِ ٻي ڪنهن کان ٻہ ڊڄڻ جي ضرورت نہ هئي: ۽ جيستائين گورنرن پنهنجي وفاداريءَ ۽ فوجين پنهنجي نظر ۽ ضبط کي قائم رکيو، تيستائين اسڪاٽلئنڈ يا آئرلئنڈ جي رولُو ۽ جهنگلي ماڻهن جي ڪاهُن يا حملن جو صوبي جي سلامتيءَ تي ڪو ٻہ اثر نہ پيو. خطي جو امن ۽ اهر ندين جي حفاظت جيڪي سڄي بادشاهت ۾ پکڙيل هيون، تہ اُنهن جي اهميت سبب ڪجهہ مشڪلاتون پيش اچي رهيون هيون. ڊائڪليشين جي پاليسي، جنهن سندس ساٿين کي ٻہ متاثر ڪيو هو، اها هئي تہ ماڻهن ۾ امن امان جي فضا پيدا ڪجي پر ساڳي وقت بربرن جي اندر اهڙو ماحول پيدا ڪجي جو اُنهن جا پاڻ ۾ اختلاف هجن ۽ روم جي سرحدن ۽ حدن جي اندر قلعا ٺاهي * اُن جي حفاظت کي وڌيڪ مضبوط ڪجي. اوپر ۾ هن فوجي ڪٽمپن جي حد مصر کان فارس جي حڪومت تائين مقرر ڪئي ۽ هر ڪٽمپ لاءِ هن اهڙا فوجي مقرر ڪيا جيڪي هر وقت اُتي موجود رهن جنکي پنهنجن جدا جدا آفيسرن هيٺ رکيو ويو ۽ اُنهن لاءِ گهُربل سيني هٿيارن جي پهَچ کي يقيني بنايو ويو ۽ اهي هٿيار کين ائٽنٽڪ، ايميسا ۽ دمشق جي نوَن هٿيار خانن مان مهيا ڪيا ويندا هيا. [32] بادشاهہ يورپ جي ڇاتل سڃاتل بربرن جي بهادريءَ جي خطرن کان ٻہ هرگز غافل نہ هيو. رائين جي مُهڙَ کان دنيوب تائين قديمي ڪٽمپون، شهَر، ڪوٽ ۽ قلعا، وڏي محنت سان ٻيهر تعمير ڪرايا ويا يا اُنهن کي وڌيڪ مضبوط بنايو ويو ۽ جتي حفاظت ڪجهہ ڪمزور نظر آئي تہ اُتي نوان ٺهرايا ويا: سرحدن جي حفاظت تي ڪڙي نظر رکي وئي ۽ خاص ڏيان ڏنو ويو ۽ هر لحاظ ۽ هر پهلوءَ کان حفاظتي تدبيرن کي ۽ قلعن جي ڍگهي سلسلي کي بيحد مضبوط ۽ ڪنهن ٻہ حملي کان صفا محفوظ ٻڌايو ويو. [33] اهڙين اعتماد وارين رُڪاوٽن کي توڙڻ جي شايد ئي ڪنهن جرئت ڪئي هجي ۽ بربر گهٽو ڪري نا اُميد ۽ نراس ٻڌجي پاڻ ۾ ئي وڙهي پوندا هيا. گاٽ، وئنڊل، گيپيڊي، برگنڊي توڙي اليماني قبيلن جا ماڻهو پنهنجون قوتون ۽ زور آزمايون هڪ ٻئي جي خلاف دشمنين ۾ ضايع ڪندا هيا ۽ جنهن کي ٻہ هو شڪست ڏيندا هئا تہ سمجهندا هئا تہ اسان روم جي دشمن کي شڪست ڏني آهي. ڊائڪليشين جي رعيت جا ماڻهو انهن خوني معرڪن ۾ ڏاڍا خوش ٿيندا هيا ۽ هڪ ٻئي کي مبارڪون پيا ڏيندا هيا تہ جنگ جون شرارتون ۽ دشمنيون هاڻي خود بربرن طرفان هڪ ٻئي جي خلاف آزمايون ٿي ويون. [34]

ڊائڪليشين جي ڪامياب پاليسيءَ جي باوجود، سندس ويهن سالن جي حڪومت ۾ ۽ سوين ميل ڍگهي سرحد تي بيجا مداخلتون بند ڪرڻ ۽ امن امان کي مسلسل قائم رکڻ ڏاڍي گهٽ ناممڪن ٿي ويو هو. ڪڏهن وري بربر هڪ ٻئي سان وڙهڻ واري راند کي ختم ڪري ڇڏيندا هيا تہ ڪڏهن وري رومي فوجي محتاط طريقي سان بربرن جي طاقت ۽ قوّتيءَ جي ڇُرپر کي ڪجهہ ڏَرَ ڏئي ڇڏيندا هئا. جڏهن ٻہ صوبن تي حملو ٿيندو هو تہ ڊائڪليشين پنهنجي سِر پاڻ، پنهنجي پوري وقار سان جيڪو سدائين ساٿس گڏ هوندو هو، انجي اڳواڻي ڪندو هو، اهڙن نازڪ موقعن تي پنهنجي موجودگيءَ کي يقيني بنائيندو هو ۽ جتي ٻہ پنهنجي طرفان ڪنهن ڳالهہ ۾ مداخلت ڪندو هو تہ اُها ٻہ پنهنجي مان شان مطابق ڪندو هو، پاڻ کي ڪنهن ٻہ اجائي ۽ بي ضرورت خطري جي مُنهن ۾ هرگز نہ وجهندو هو، پنهنجي ڪاميابيءَ کي فتح جي يقيني هٿ ٽائين وجي دنگ ڪندو هو. ڏُکين ۽ وڏيڪ زوردار ۽ مشڪوڪ نتيجن وارين

جنگين ۾، هو مئڪسيميَن جي تُند ۽ تيز بهادريءَ کي اڳيان ڪري ڇڏيندو هو ۽ اهو وفادار سپاهي پنهنجين ڪاميابين ۽ ڪارنامن کي ٻه پنهنجي مُحسن جي مشورن ۽ ان جي اثر رسوخ کي اڀري ڇڏيندو هو. پر هن سيزرس کي پُتيلو بنائڻ کانپوءِ، بادشاهن پاڻ کي گهٽ محنت ۽ تڪليف لاءِ وقف ڪيو هو، ۽ دنيوب ۽ رائين جي ڪنارن جي حفاظت جو ڪم پنهنجن اختيار ڪيل پُٽن جي حوالي ڪري ڇڏيو هيائون. هر وقت سُجاڳ ۽ ڏڻت گئلريَس، روم جي حدن تي [35] بربرن کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪڏهن به پاڻ مات نه کاڌي پر سدائين سرس سوپارو رهندو هو. بهادر ۽ هوشيار ڪانسٽئنٽيَس، اليماني کان گال جو قبضو ڇڏرايو جيڪو ظاهري طرح ڏاڍو ڏکيو هو، ۽ لئنگرس ۽ وِندونيسا جون سوپون، سندس اهڙا ڪمال جا ڪارنامَا هيا جن ۾ سندس اهليت ۽ خطرن کي ڪاميابيءَ سان منهن ڏيڻ تي ڪيس جيترو به داد ڏجي اوترو ٿورو آهي، جيئن هو ٿورڙن محافظن سان گڏجي هڪ ڪليل ملڪ منجهان لنگهي رهيو هو ته اوچتو هو وڏيڪ طاقتور دشمنن، جيڪي تعداد ۾ به گهڻا هيا، جي گهيري ۾ اچي ويو. هو لئنگرس ڏانهن پنڌتي موٽيو، پر اوچتي تاکوڙي پوڻ تي شهرين گيٽ کولڻ کان انڪار ڪيو، ۽ زخمي شهزادي کي پٺين تان هڪ رَسي سان ٽپايو ويو، پر سندس تڪليف واري خبر ملڻ شرط، رومي فوجون هر طرف کان سندس مدد لاءِ ڪاهَ ڪري اُتي پهتيون ۽ شام ٿيڻ کان اڳ هن پنهنجي مرتبي ۽ مانَ کي مطمئن ڪيو ۽ چه هزار اليماني قبيلي جي ماڻهن جي ڪوسَ [36] ذريعي هن پنهنجو بدلو ورتو. ان زماني جي ٺهرايل يادگارن مان، سرماٽيا ۽ جرمني جي بربرن تي حاصل ڪيل بيشمار سوئن جا ڪجهه اَڻ ڇنا نشان شايد ڪٽي ملي وڃن پر ان سلسلي ۾ جيڪا ڏگهي محنَت درڪار ٿيندي، ان مان نه ته حيرت ۽ اچرج سان * نه وري هدايتن ذريعي ڪو لاڀ پرائي سگهبو يا ڪجهه هڙ حاصل ٿي سگهندو.

جيڪو روَيو پروبس، فتح ڪيل ماڻهن جي سلسلي ۾ اختيار ڪيو هو، ان کي ڊائڪليشيَن ۽ سندس ساٿين به اختيار ڪيو. قيدي بربرن کي، موت جو بدلي ۾ غلام بنائي ٻهراڙين جي مختلف جڳهن تي موڪليو ويو ۽ اُنهن ضلعن ۾ ڪين ورهايو ويو (جيئن گال ۾: اميئن، بؤريَس، ڪئمبري، ٽريوز، لئنگرس ۽ ٽرائر جو خاص طرح ذڪر ڪيو ويو آهي [37])، هي اُهي هنڌ هٿا جتي جنگين لڳڻ سبب ماڻهن جي آبادي گهٽي گهٽ ٿي وئي هئي. اُنهن کان گهٽو ڪري ڏنارن ۽ هارين جو ڪم ورتو ويندو هو، پر ڪين هٿيار کڻڻ نه ڏنا ويندا هيا سواءِ ان جي ته ضرورت پوڻ تي جڏهن ڪين مليٽري ۾ پرتي ڪرڻ لازمي سمجهيو ويو. جن غلامن جو عرصو گهٽ هو ۽ اُنهن روم جي حفاظت ڪرڻ لاءِ منتون ڪيون هيون ته اهڙن بربرن کي پنهنجي ملڪيت جي حقن کان به محروم نه ڪيو ويو هو. ڪين رهائش مهيا ڪرڻ لاءِ ڪالونيون ڏاهيون ويون جن ۾ ڪٽپري، باسٽرني ۽ سرماٽينس جا قبيلا وجي آباد ٿيا ۽ مٽن مهرباني ڪندي ڪين پنهنجي قومي سڃاڻپ ۽ آزاديءَ کي قائم رکڻ جو خطرناڪ قدم به ڪنيو ويو. [38] گَوناٽن ۽ بهراڙيءَ جي ماڻهن ۾ هڪ عجيب خوشي ۽ سرهائيءَ جو احساس سندن چهرن جي علامت هيا، هاڻي اُنهن پنهنجن زمينن کي ڪيڙيو ٿي، پنهنجي مال کي ميلن ۽ نمائشن ۾ ڪاهي ٿي ويا، ۽ پنهنجي محنت ذريعي قومي دولت ۾ اضافو ٿي ڪيو. اُنهن پنهنجن مالڪن کي مبارڪون ٿي ڏنيون ته اُنهن رعيت ۽ سپاهين جي پاڻ تائين رسائيءَ کي يقيني بنايو هو پر اُنهن شايد اهو فراموش ڪري ڇڏيو هو ته بيشمار ڪجها دشمن جيڪي مٽن مهربانين ڪرڻ سبب گستاخ ٿي ويا هيا يا ظلمن کان تنگ ٿي ويا هيا، بادشاهت جي ڪُنڊ ڪَرچ تائين پهچي چڪا هيا. [39]

جڏهن ته رائين ۽ دنيوب جي ڪنارن جي حفاظت ٻئي سيزس ڪري رهيا هئا، ته اهڙي وقت رومي دنيا جي ڏاڪڻين حصن ۾ بادشاهن جي موجودگيءَ جي ضرورت محسوس ٿي ڪئي وئي. نيل نديءَ کان وٺي ائلپس جبلن تائين آفريڪا مسلح ٿي چڪو هو. اتر اولهه آفريڪا جي پنجن ملڪن جا اتحادي پنهنجن بيابانن مان پُر آمن صوبن تي حملي ڪرڻ لاءِ نڪري پيا. [40] جولين شاهي پوشاڪ ڪارٿيج [41] ۾ پاتي، اچيليَس اليگزئندريا ۾ ۽ بليمائز پڻ حملا ٻيهر شروع ڪيا يا ائين ڪٽي ڇڏجي ته پنهنجن حملن کي مٽين مصر ۾ جاري ڪري ڇڏيائون. آفريڪا جي اولهندي حصي ۾ مئڪسيمين جو ڪو به نمايان ڪارنامو محفوظ ڪيل نه آهي، پر جيڪي واقعا پيش آيا، اُنهن منجهان لڳي ٿو ته سندس هٿيارن جو استعمال تڪڙو ۽ فيصلائتو هيو ۽ هن ماريٽنيا جي خطرناڪ بربرن کي شڪست ڏني ۽ اُنهن کي جبلن مان تڙي ڪڍي ڇڏيو جن جي پهچ ڪان وڌيڪ طاقت اُنهن جي رهواسين کي لاقانونيت جي باهه ۾ ڇڪائڻ لاءِ اُپاريو هو ۽ ڪين لُٽ ڦُر ۽ دهشت گرديءَ جو عادي بنائي ڇڏيو هو.[42] ڊائڪلشين، پنهنجي طرفان مصر ۾ اليگزئندريا جي گهيري ڪرڻ جي مهر شروع ڪري ڇڏي، ان وڏي شهر کي هر طرف پاڻي پهچائڻ جا سيئي وسيلا ختم ڪيا ويا،[43] ۽ پهريون پنهنجي ڪئمپ کي، گهيري ۾ آيل ماڻهن جي وڏي هجوم جي هلائڻ ۽ حملن کان مڪمل طرح سان محفوظ بنائيندي، هن پنهنجا حملا طاقت ۽ احتياط سان جاري رکيا. انن مهينن جي گهيري جاري رکڻ ڪانپوءِ، اليگزئندريا، جيڪو تلوار جي طاقت ۽ لڳاتار حملن کان تنگ ٿي ساڻو ۽ نِساهو ٿي چڪو هو، نيٺ پيش پيو ۽ فاتح کي رحم ڪرڻ لاءِ منتون ڪيائين، پر اهو فقط تڏهن، جڏهن هو برداشت کان ٻاهر سختين ۽ تڪليفن جي تجربي مان گذريو هو. هزارن جي تعداد ۾ شهرين کي گڏيل سڏيل ڪوسَ ۾ ماريو ويو ۽ ڪيترائي گندا ماڻهو مصر ۾ اهڙا هيا جيڪي موت جي سزا کان بچي ويا يا وري گهٽ ۾ گهٽ ملڪ نيڪاليءَ کان به محفوظ رهيا. [44] بُسورس ۽ ڪوپٽوس جي حالت اليگزئندريا کان به وڌيڪ رحم جوڳي ۽ خراب هئي: هي ٻئي ٻاں تي فخر ڪندڙ شهَر: پهريون پنهنجي قديمي روايتن ۽ ثقافت جي ڪري مشهور هو ته پويون وري هندستان سان واپار رستي ڳنڊيل هڻڻ سبب نمايان هو. ڊائڪليشين جي حڪر تي هٿيارن ذريعي صفا تباهه ڪيا ويا. [45] مصر جي قوم جو ڪردار اهو آهي ته وٽن رحم جو احساس ڪونهي پر خوف خطرن کان احتياط ڪندا آهن ته خود مصر جا ماڻهو ٿي ايڏي تشدد کي جائز يا ناجائز چوڻ جو حق رکندا هوندا. اليگزئندريا جي فسادن ۽ وڳوڙي حالتن خود روم جي امن ۽ سڪون کي برباد ۽ سندن جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو. فِرمَس * جي قبضي کان وٺي، مٽين مصر جي صوبي، لڳاتار فساد فتني طرف موٽ ڪائيندي، حبش جي وحشين سان هڪ سمجهوتو يا اتحاد ڪري ورتو هو. بليمائز، جيڪي ميرو ۽ ڳاڙهي سمنڊ جي ٻيٽن جي وچ ۾ پکڙيل هئا، جو تعداد تمام گهٽ هو، اُنهن جو ظاهري ڏيک امن پسندي وارو هو ۽ سندن هٿيار ڏکيا پر حملي ڪرڻ جهڙا نه هيا. [46] ان جي باوجود هي بربرَ جنکي قدامتَ بگاڙي هڪ عجيب شڪل ۽ ڊيل ڊول جو ٺاهيو هو، انسانن جي نسل کان گهٽي ياڳي ٻاهر ٿي چڪا هيا، پنهنجي لاءِ هنن پاڻ سمجهي ڇڏيو هو ته سندن مرتبو روم جي دشمنن وارو هو. [47] مصر جا اتحادي اهڙائي نالائق هئا ۽ جڏهن ملڪ جو ڏيان ٻين اهر جنگين طرف هو، ته ان ڳالهه جو انديشو هو ته سندن تڪليف ڏيندڙ جهڙپون ۽ حملا، ڪٽي صوبي جي سُڪون کي ٻيهر نه برباد ڪري ڇڏين: ڊائڪليشين، نوبائي يا نيوبيا جي ماڻهن کي آماده ڪيو ته هو پنهنجي رهڻ جي قديمي جڳهن کان لڏي ليبيا جي بيابانن طرف هليا وڃن ۽

هڪ وڏو غير پيداوار علائقو سائني ۽ نيل جي آبشارن جي مٿان کين ڏنو ويو. ان ۾ مٽن فقط هڪ اخلاقي پابندي يا شرط رکيو ويو ته هُو بادشاهت جي سرحدن جو نہ رڳو مان مٽاهون رکيون ايندا پر ان جي حفاظت ۾ سندن فرضن ۽ ذميدارين ۾ شامل هوندي. اهو معاهدو گهٽو وقت هليو ۽ عيسائيت جي دؤر شروع ٿيڻ سان مذهبي عبادت لاءِ ڪجهہ سخت پابندين کي مڙهيو ويو ۽ هر سال قرباني۽ جي رسم ادا ڪري ايليفنٽائن جي ٻيٽ تي نئين سر معاهدو ڪيو ويندو هو جنهن ۾ رومي توڙي بربر هن ڪائنات جي ظاهري توڙي لکل طاقتن کي ساراهيندا هئا. [48]

ساڳي وقت جڏهن ڊائڪليشين، مصرين جي پوين ڏوهن جي کين سزا ٿي ڏني ته هن سندن پلائيءَ لاءِ ۽ مستقبل جي حفاظت ۽ خوشيءَ لاءِ سياٽپ وارا قانون ٺاهيا جن کي ايندڙ وقتن جي حڪومتن طرفان به منظور ۽ لاڳو ڪيو ويو. [49] هُن هڪ تمام اهم فرمان اهڙو جاري ڪيو، جنهن کي آمرانہ حسد جو ڪارنامو سمجهي نِندڻ جي بجاءِ، اُهو تعريف لائق ۽ اهڙو ڪر سمجهيو ويو جيڪو عقلمنديءَ مان انسانذات جي پلائيءَ لاءِ ڪيو ويو هجي. هن سڀني قديمي ڪتابن جي مطالعاتي جاچ ڪرائي جن ۾ سون ۽ چاندي ٺاهڻ جا ڪمال جا نُسخا لکيل هيا: ۽ سواءِ ڪنهن رحم جي اُنهن سڀني ڪتابن کي باهہ جي شعلن ۾ ساڙايو ويو. فقط ان گمان کان، جنهن جو اسانکي يقين آهي، تہ متان مصر وارن کي ايتري دولت هٿ اچي وڃي جيڪا کين بادشاهت جي خلاف بغاوت ڪرڻ لاءِ پوري اعتماد سان آماده ڪري ڇڏي. [50] ۽، جيڪڏهن ڊائڪليشين کي سون ۽ چاندي جي نُسخي جي ايتري ئي پڪ هئي ته پنهنجي ذهانت ۽ يادگيريءَ جي جوهر کي وِسمائڻ بدران، ان عمل کي ماڻهن جي پلائي ۽ قومي ناٽي کي وڌائڻ لاءِ استعمال ڪري ها. پر ان ڳالهہ جو ۽ پورو امڪان آهي ته سندس سوچَ ۽ فهم ۾ شايد اها ڳالهہ آئي هجي ته اِهي وڏيون دعوائون فضول ۽ اجايون هونديون آهن ۽ هن جي وڏي ۾ وڏي خواهش اها هئي ته سندس رعيت جا ماڻهو دليلن ۽ دانائيءَ جو دامن هرگز نہ ڇڏين ۽ اجائي ۽ بيوقوفيءَ جهڙن ڪمن ۾ پنهنجو وقت ۽ قُوت ضايع نہ ڪن. مشاهدي ۽ تجزيي مان معلوم ٿيو آهي ته هي قديمي ڪتاب، جيڪي پِٽاغورس، حضرت سليمان (ع.س) يا هرمس * سان منسوب ٿيل آهن، هاٿوڪي مهارت جا پاڪدامنيءَ وارا دوڪا ۽ فريب آهن. يونان جا ماڻهو ڪيميا جي علم جي فائدن يا نقصانن کان بِنهہ بيخبر هئا. ان تمام وڏي رجسٽر، جنهن ۾ پلني ڳولي لڌل شيون فنَ ۽ ڪاريگرين ۽ انسانذات جون غلطيون درج ڪيون آهن ته ان مان ڏاڍن جي اصلوڪي حالت تبديل ڪري ٻي حالت اختيار ڪرڻ جو ڪو ۽ ذڪر آيل ڪونهي ۽ ڪيمياگريءَ جي تاريخ ۾ ڊائڪليشين طرفان ڪيميا بابت قديمي ڪتاب ساڙائڻ جو عمل پهريون مستند واقعو آهي. عربن طرفان مصر کي فتح ڪرڻ کانپوءِ اُنهن اِها فضول سائنس سڄي دنيا ۾ پکيڙي ڇڏي. انساني خواهشن ۽ هوَس سان پوريءَ طرح مطابقت رکندڙ اها سائنس چين، توڙي يورپ ۾ هڪ جيتري چاهَ ۽ ڪاميابيءَ سان پڙهي ۽ پڙهائي ويندي هئي. يورپ جي وچين دؤر جي اونداهي ماحول، هر حيرت انگيز افواهہ جي ۽ گرمجوشيءَ مان آڃيان ٿي ڪئي، ۽ ماڻهن ۾ علم ۽ ڄاڻ جي نئين سِر رغبت نَين اُميدن کي تقويت بخشي ۽ دوڪي ۽ فريب جي فن کي وڌيڪ شاندار بنايو. فلسفي ۽ تجربي ڳڏجي آخرڪار ڪيمياگري جي تعليم کي پنهنجين حدن مان تڙي ڪيڍي ڇڏيو آهي، ۽ موجوده دؤر، پلي دولت ميڙڻ جو خواهشمند ئي سهي، پر اُها مايا هو ڪيميا مان نہ پر وٽج واپار ۽ صنعتي پيداوار جي جائز ۽ ۽ مناسب طريقن مان حاصل ڪرڻ گهري ٿو. [51]

مصر جي فتح کان پوءِ فورن فارس جي جنگ شروع ٿي وئي. اهو ڇڻ ڊائڪليشين جي مقدر ۾ لکيل هو ته هو وڏي طاقتور قوم کي شڪست ڏئي ۽ اردشير جي جانشينن کان اها ڳالهه تسليم ڪرائي ته روم جي شهنشاهت سندن مقابلي ۾ زياده شانائتي ۽ وڏيڪ طاقتور هئي.

اسان وٽلرين جي حڪومت ۾ * اهو مشاهدو ڪيو آهي ته آرمينيا، فارس وارن جي دوکي ۽ هٿيارن جي زور تي آڻ مجي هئي ۽ خسرو جي قتل ڪانپوءِ سندس پٽ ٽريڊيٽس، جيڪو ان وقت شهنشاهت جو پنهنجي ٻالڪپڻي ۾ وارث هو، سندس دوستن جي وفاداريءَ سبب سندس زندگي بچي وئي هئي ۽ ان کي شهنشاهن جي حفاظت ۾ پڙهايو ويو هو. ٽريڊيٽس پنهنجي ملڪ نيڪاليءَ ۾ اُهي فائدا ورتا جيڪي ڪيس آرمينيا جي تخت تي ويهي حاصل نه ٿي سگهن ها: ڏکن ڏولاڻن توڙي انسانذات جي اڳواڻ ڇاڻ، توڙي روم جي نظر ۽ ضبط جي ڪيس وقت کان اڳ ئي خبر پئجي وئي. هن بهادريءَ جي ڪمن سان پنهنجي جوانيءَ جي شروعات ڪئي ۽ هن ڪم ۾ بي مثال ڏڻتي ۽ طاقت جو مظاهرو ڪيو جيئن فوجي بهادريءَ جا ڪارنامه ۽ اولمپين راندين جي باوقار مقابلن ۾ پنهنجا جوهر ڏيکاريائين، [52] سندس اهليت کي چار چندَ تڏهن لڳا جڏهن هن پنهنجي محسن لسينيَس جي حفاظت ٿي ڪئي. [53] هڪ بغاوت ۾ جنهن ۾ پروبس مئو، ان آفيسر جي زندگيءَ کي تمام وڏو خطرو پيش اچي ويو هو پر ڪاوڙ ۾ باهه ٽيل سپاهي ڪيس مارڻ خاطر سندس تنبوءَ ۾ داخل ٿيڻ وارا هيا ته آرمينيا جي شهزادي اڪيلي سر وڃي سندن رستو روڪيو ۽ ڪيس بچائڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ٽريڊيٽس جي احسانمندي ڪيس واپس موٽائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. لسينيَس پنهنجي هر عهدي تي گٹليس جو دوست رهيو. ۽ گٹليس جي اهليت، سيزر جي مٽانهين لقب ماڻڻ کان گهٽ اڳ ئي، ڊائڪليشين طرفان نه رڳو ڇاتل سڃاتل هئي پر هو سندس خوبين ۽ اهليت جو وڏو قدردان پڻ هيو. ان شهنشاهه جي حڪومت جي ٽئين سال ۾، ٽريڊيٽس کي آرمينيا جو بادشاهه بنايو ويو. انصاف وارو هي قدم موقع پرستيءَ جي حساب سان به مناسب ٿي لڳو. اهو وقت هو ته فارس جي بادشاهه جي قبضي کان هڪ اهر علائقو بچايو ۽ ڪانئُس واپس ورتو وڃي جيڪو نيرو جي حڪومت کان ولي روم جي شهنشاهت جي حفاظت ۾ رهيو هو ۽ آرسيسز جي خاندان جا ماڻهو انکي سنپالينداهئا. [54]

جڏهن ٽريڊيٽس آرمينيا جي سرحدن تي وڃي پنهنجو جلوو پَسايو ته وڏي گرمجوشي، خوشي ۽ سچن وفاداريءَ جي جذبن سان سندس آجيان ڪئي وئي. ڇَويهن سالن تائين ملڪَ ڏاڍيون تڪليفون سٹيون هيون پوءِ اُهي صحيح هيون يا خيالي، پر ڏارين جو غلبو بهرحال رهيو هو. فارس جي بادشاهن پنهنجون نيون سوچون، نين ۽ عاليشان عمارتن تعمير ڪرڻ سان ملهايون هيون، پر اُهي يادگارَ عوام جي پٹسن مان نهرايا ويا هيا. جن کي غلاميءَ جا طوق سمجهي اُنهن کان نفرت ڪئي وئي هئي. بغاوت جي ڪنهن به امڪان سبب سخت احتياطي تدبيرون ورتيون ويون هيون: ظلم سان گڏ ماڻهن کي بيعزتو ڪري حالتن کي وڏيڪ خراب بنايو ويو هو: ۽ عام ماڻهن ۾ هاڻي شديد نفرت جو شعور ايندو پئي ويو جنهن ذريعي اهو بُڃان ۽ شديد نفرت جي ماحول سبب وڏيڪ تيز ٿيندو ۽ بگڙندو رهيو. اسان اڳ ۾ ئي ماگي مذهب * بابت ٻڌايو آهي ته برداشت ڪرڻ جو رتيءَ ماتر گُڻ به منجهن ڪونهي. آرمينيا جي بادشاهن، جن کي ديوتا ڪري پوڄيو ويندو هو، جا مجسما ۽ سج ۽ چندَ جون مقدس مورتون، فاتح جي جوش ۽ ڪاوڙ سبب پڄي پورا پورا ڪيون ويون ۽ آرمزد جي دائمي باهه کي هاري ان کي پگهَرنت جبل [55] جي چوٽيءَ تي ٺهيل قربان گاهه تي

محفوظ ڪيو ويو يا ٻين لفظن ۾ انڪي دائمي ٻرندڙ شعلي جو روپ ڏنو ويو. اهو فطري هو ته بيشمار زخمن رسڻ سبب جن ماڻهن جي ڪاوڙ چوٽ چڙهيل هئي، اُنهن پاڻ کي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ، توڙي مذهب ۽ پنهنجي موروثي حاڪر کي تخت تي ويهارڻ لاءِ مسلح ٿي ڪيو. جڏهن جي وهڪري هر رُڪاوٽ کي توڙي ڇڏيو، ۽ فارس جي فوجين جو جٿو ڪاوڙ ۾ اڳ ۾ ٿي پنتي هٿي ويو. آرمينيا جا امير ٽريڊيٽس جي جهنڊي هيٺان هليا ويا ۽ پنهنجي ماضيءَ جي اهليت جو حوالو ڏيڻ لڳا، ايندڙ وقت لاءِ پنهنجون خدمتون آڇيائون ۽ نئين بادشاهه کان اُنهن اعزازن ۽ انعامن جو مطالبو ڪرڻ لڳا جن کان کين ڏارين جي حڪومت ۾ نفرت ۽ ڏڪار وڃان ٻاهر ڪري محروم ڪيو ويو هو.[56] فوج جي ڪمان آرٽاويسڊس جي حوالي ڪئي وئي يجنهن جي پيءُ ٽريڊيٽس کي سندس معصوم ٻالڪپڻ ۾ بچايو هو ۽ جنهن جي پوري ڪٽنب کي ان مهرباني ڪرڻ تي قتل ڪيو ويو هو. آرٽاويسڊس جي پاءُ کي صوبي جي حڪومت حوالي ڪئي وئي هئي. پهريون فوجي اعزاز وائسراءِ اوٽس کي ڏنو ويو جيڪو سڀني مزاج ۽ محبت وارو ماڻهو هو جنهن شهنشاهه کي پنهنجي پيڻ[57] ۽ ڪافي خزانو تحفي ۾ ڏنو هو جيڪي هڪ ڏار ٽيل قلعي ۾ رکيا ويا هيا ۽ جن کي اوٽس مڪمل حفاظت ۾ رکيو هو. آرمينيا جي امين ۾ هڪڙو سندن سائي ظاهر ٿيو جنهن جي دولت ۽ پاڳ ايترو ته نمايان آهي جو ان کي بيان ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، سندس نالو مٺگو هو ۽ سندس اصل نسل اسڪيٽيا جو هو ۽ ماڻهن جي جنهن هجوم سندس اختيارن کي مڃيو هو، ان ڪجهه سال اڳي چين جي شهنشاهت جي حدن جي آس پاس پنهنجي رهائش اختيار ڪئي هئي[58] جيڪا ان زماني ۾ ايتري ته وڏي هئي جو سوگڊيانا[59] جي سرحدن تائين پکڙيل هئي. پنهنجي مالڪ جي ناراض ٿي وڃڻ تي مٺگو پنهنجن سائين سميت اوڪسس جي ڪنارن تي اچي رهيو ۽ ساپور کي پنهنجي حفاظت ڪرڻ لاءِ منتون ڪيائين. چين جي شهنشاهه هن پاڇوڪڙ تي پنهنجي دعويٰ ڪئي ۽ پنهنجي خود مختياري جي حق تي زور ڏنو. فارس جي شهنشاهه مهمان نوازيءَ جي قانونن کي ورجايو ۽ ڪجهه مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ ڪانپوءِ جنگ جي خطري کي ٽارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پر شرط اهو هو ته هو مٺگو کي اولهندي ملڪن جي ڪنهن پرانهين سرحد تي موڪلي ڇڏيندو: هيءَ هڪ اهڙي سزا هئي، جيئن هن بيان ڪيو، جيڪا موت کان گهٽ خطرناڪ نه هئي. ملڪ بدر ڪرڻ ڪانپوءِ سندس رهڻ جو هنڌ آرمينيا مقرر ٿيو ۽ هڪ وڏو ضلعو، اسڪيٽيا جي ماڻهن کي رهڻ لاءِ ڏنو ويو جنهن ۾ هو پنهنجي رهڻ جون جايون به هڪ هنڌ کان ٻي جڳهه تائين سال جي موسمن مطابق مٽائيندا رهن. انهن تي اها ذميواري به رکي وئي ته ٽريڊيٽس جي حملي جو مقابلو ڪن پر سندن ليڊر فرض شناسي ۽ ڪيس رسيل تڪليفن کي توريو جيڪي ڪيس فارس جي شهنشاهه کان پلئه پيون هيون، نيٺ هر ڳالهه ڏسي وائسي هُن سندس پارٽيءَ کي ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو. آرمينيا جو شهزادو، جيڪو مٺگو جي لياقتن ۽ طاقت کان ڇڳيءَ طرح واقف هو، هن سان عزت ۽ شفقت سان پيش آيو، ۽ ڪيس پنهنجو بنائيندي اعتماد ۾ ورتائينس، هڪ بهادر ۽ وفادار نوڪر کي حاصل ڪيائين جنهن ڪيس واپس ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو پرپور ڪردار ادا ڪيو.[60]

ڪجهه عرصي لاءِ لڳي ٿو ته ٽريڊيٽس جي جرئت کي قسمت به ساٿ ڀٽي ڏنو. هن نه رڳو پنهنجي خاندان جي ۽ ملڪ جي دشمنن کي سڃي آرمينيا جي حدن ۽ سرحدن مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو پر پنهنجي انتقام کي پاڙڻ لاءِ هن اسيريا جي وچ تائين حملن ۽ هٿيارن جو نماءُ ڪيو. مؤرخ جنهن ٽريڊيٽس جو نالو تاريخ ۾ منجهڻ کان بچائي ڇڏيو

آهي. هڪ قومي جذبي سان پنهنجي بهادريءَ کي ملهائي ٿو: ۽ اوپر جي قدرن جي سچي جذبي مطابق هو اُنهن جُنگن ۽ هاڻين لاءِ به ٻڌائي ٿو ته ڪيئن نه اُهي سيئي هِن بهادر جي طاقت اڳيان ڏير ٿي ويا هيا. اسان کي ٻين ذريعن مان معلوم ٿيو آهي ته فارس جي بادشاهت جي حالت هڪ ٽڙيل پکڙيل ملڪ وانگر هئي جنهن جو آرمينيا جو بادشاهه وڏو احسانمند هو جو ته مٽس ڪيل احسان کيس ياد هيا. پائرن جي هڪ ٻئي سان ضِد سبب تخت تي جهيڙو شروع ٿي چڪو هو ۽ هُرمز، پنهنجي پارٽي جي طاقت جي فضول زور آزمائيءَ ڪانپوءِ مدد وٺڻ خاطر بربرن جي خطرناڪ طاقت ڏانهن واڌايو جيڪي ڪئسپين سمنڊ جي ڪنارن تي رهندا هئا. [61] خانه جنگي بهرحال، يا ته فتح ٿيڻ جي صورت ۾ يا هڪ ٻئي سان ٺهراءُ ڪرڻ ذريعي، ختم ٿي وئي ۽ نارسِس، جنهن کي آفاقي سطح تي فارس جي بادشاهه طور تسليم ڪيو ويو، پنهنجي سڄي فوجي طاقت کي ڏاريي دشمن خلاف پڙڪائي ڇڏيو. پوءِ مقابلو غير برابريءَ وارو بنجي ويو ۽ نه وري سورمي جي بهادريءَ ۽ بادشاهه جي طاقت کي برداشت ڪرڻ جي سگهه هئي. ٽريڊيٽس جنهنکي آرمينيا جي تخت تان ٻيو پيرو ڏکي ٻاهر ڪيو ويو هو، هڪ دفعي وري شهنشاهن جي گهر ۾ وڃي پناهه ورتي. نارسِس جلد ئي باغي صوبي تي پنهنجو اختيار قائم ڪري ورتو ۽ وڏي واڪي ان ڳالهه جي شڪايت ڪندو رهيو ته رومين، باغين ۽ ياڃوڪڙن کي پناهه ڏني هئي، هاڻي اوپر جي فتح جا سانباها ڪرڻ لڳو. [62]

دوراندیشي توڙي وقار، شهنشاهن کي آرمينيا جي بادشاهه جي پٽيرائي ڪرڻ کان روڪڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهيا ۽ اهو فيصلو ڪيو ويو ته فارس جي جنگ ۾ پوري شهنشاهت جي طاقت کي استعمال ڪيو ويندو. ڊائڪليشين پنهنجي ماڻ ميڙ واري عظمت سان جيڪا هر وقت وٽس هوندي هئي، پنهنجي ڪارروائيءَ جو شهر انٽڪ مقرر ڪيو جتان هن مليٽري جي ڇُڙ ۾ عملي قدمن جو هدايتون ويهي جاري ڪيون. [63] فوجين جي حڪمت عملي وغيره گئلريس جي لاجواب بهادريءَ جي سپرد ڪئي وئي، جنهن کي دنيوب جي نظرداري ڪرڻ تان هٽائي هن اهر ڪر لاءِ فرات جي ڪنارن تي مقرر ڪيو ويو. فوجون جلدئي ميسوپوٽئميا جي ميدانن تي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿيون ۽ ٻه جنگيون وڙهيون ويون جن جا نتيجا ڪجهه مختلف ۽ شڪ وارا نڪتا، پر جيڪو ٿيون معرڪو ٿيو اُهو فيصلائتو ثابت ٿيو جنهن ۾ روم جي فوج صفا زيروزبر ٿي وئي ۽ ڪيس شڪست جو مُنهن ڏسڻو پيو جنهن جو الزام گئلريس جي اُبهرائيءَ تي مڙهيو ويو جنهن گهٽ فوجين جي تعداد سان فارسين جي تمام وڏي لشڪر تي حملو ڪري ڏنو. [64] پر ملڪ، جيڪو هن جنگي ڪارروائيءَ جو مرڪز هو، اُهو سندس شڪست جا ٻيا سبب ٿو بيان ڪري، اُهو ساڳيو ميدان، جنهن تي گئلريس کي شڪست آئي، ڪراسَس جي موت ۽ ڏهن فوجين جي ڪوسَ جي ڪري يادگار بڻجي ويو هو. * اهو ميدان سڀ ميلن کان به وڌيڪ وڏو هو جيڪو ڪارهي جي ٽڪرين کان وٺي فرات تائين ڦهليل پر سڏو ۽ ويران واريءَ جو رِڻُ هو جنهن ۾ نه ڪا ٽڪري هئي، نه ڪو وڻ ۽ نه وري ڪو تازي پاڻي جو چشمو يا ڪو جياپي جو ذريعو هو. [65] رومين جي پيادل فوج جيڪا گرمي ۽ اڃ سبب بيهوشيءَ جي حالت تائين پهچي وئي هئي، نه ته اُهي اهڙين حالتن ۾ فتح ڪرڻ جي اُميد رکي ٿي سگهيا. توڙي جو اُهي پنهجن صِفن ۾ نظر ۽ ضبط کي قائم رکن ها، ۽ نه وري پنهنجي صِفن کي، سخت خطري جي يقيني امڪان کانسواءِ، ختم ڪري ٿي سگهيا. اهڙي ابتريءَ جي حالت ۾ اُهي نيٺ هر طرف کان فارس جي فوجين جي وڏي تعداد جي گهيري ۾ اچي ويا. مخالف جي ٽڙتيءَ جي عمل کان صفا

هيسجي ويا ۽ بربرن جي گهوڙي سوار فوج جي تِکن تيرن جي نشانن سان تباهه ٿي ويا. آرمينيا جي بادشاهه جنگ ۾ پنهنجي پرپور بهادريءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ ماٺهن جي رحم جوڳي حالت مان هن پنهنجو ذاتي مان شان مٽاهون ڪيو. فرات تائين سندس پيڇو ڪيو ويو. سندس گهوڙي کي زخمي ڪيو ويو ۽ اهو ناممڪن ٿي لڳو ته هو سوپ ماٽيندڙ پنهنجي دشمن کان بچي ۽ پڇي وڃي. هن انتها درجي جي صورتحال ۾ ٽريڊيٽس کي بچاءَ جو فقط هڪڙو ئي رستو سمجهه ۾ آيو: هو گهوڙي تان لهي پيو ۽ وهندڙ پاڻيءَ ۾ ڪٽي ٽپو ڏنائين. سندس زرهه ٻگري هئي، ندي تمام اُونهي هئي ۽ ان حصي ۾ گهٽ ۾ گهٽ اڌ ميل ويڪري هئي؛ [66] تنهن هوندي به سندس طاقت، بهادري ۽ جرئت ايڏي ته زبردست هئي جو هو سلامتيءَ سان ندياءَ جي ٻي ڪناري تائين پهچي ويو. [67] جيتري قدر رومي جنرل جو تعلق آهي ته اسانکي سندس پڇڙ جا تفصيل معلوم نه ٿي سگهيا آهن: پر، جڏهن هو ائنٽئڪ واپس ٿيو ته ڊائڪليشين ڪيس دوست ۽ سائيءَ وارو سندس آدر پاءُ نه ڪيو پر هڪ اهڙي شهنشاهه وانگر ڪيس مليو جيڪو سخت ڪاوڙ ۾ هجي ۽ سندس ڪر ڪان ناراض هجي. جيڪو ماٺهن ۾ سخت ضدي ۽ هٺيلو هوندو هو، ڪيس وردي پاتل هئي پر سندس ڪنڈُ هيٺ، ذلت ۽ بدبختيءَ جي احساس سان مجبور ٿي پيو هو، شهنشاهه جي گهوڙي گاڏي يا ٽانگي سان هڪ ميل ڪان مٿي جو مفاصلو پيرين پيادو هليو ته جيئن ماٺهو سندس ذلت ۽ بيعزتي جو منظر ڏسي سگهن. [68]

جيئن ئي ڊائڪليشين پنهنجي ذاتي ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو ۽ روم جي طاقت ۽ شان تي زور ڏنائين، ته هن هاٿي سيزر جي مِنتن ۽ نِماڻائيءَ وارين آزين ڏي ڏيان ڏنو ۽ کيس اجازت ڏنائين ته هو پنهنجو وجايل وقار پاڻ واپس وٺي ته ساڳي وقت روم جي هٿيارن جي عزت کي به واپس ورائي، ايشيا جي پر اَمن فوجين جي ڪمري ۾، جن شايد پهرئين معرڪي ۾ پنهنجيون خدمتون سرانجام ڏنيون هيون، ٻي فوج رتائر ٿيلن ۽ نوَن پرتي ڪيلن جي تيار ڪئي وئي جن جو تعلق اليرَين سرحد سان هو، ۽ گائن جو هڪ وڏو تعداد مددي فوج طور شاهي خزاني [69] جي خرچ تي پرتي ڪيو ويو. پنجويهه هزار چونديل ماٺهن جي ڪمان ڪندي گٽليريس وري فرات کي پار ڪيو پر هن دفعي پنهنجين فوجين کي ميسوپوٽئميا جي ميدانن تي خطري ۾ وجهڻ بجاءِ، هو آرمينيا جي جبلن منجهان اڳتي وڌيو جتي هن اتان جي رهواسين کي سندس حق ۾ ڏنو ۽ ملڪ لاءِ محسوس ڪيائين ته اُهو پيادل فوج جي حملي لاءِ جيترو موزون هو ته گهوڙيسوار فوجين لاءِ اوتروئي ناموزون هو. [70] تڪليفن روم وارن جي نظر ۽ ضبط کي اڳي کان وڌيڪ پختو ڪري ڇڏيو هو جڏهن ته بربر پنهنجي ڪاميابيءَ جي ڏوند ۾ پريل هٿا تنهنکري ايترا ته غافل ۽ سست ٿي ويا هيا جو هڪ لمحي ۾ سندن اُميدن جي خلاف گٽليريس جي نئين اندازَ کين حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو جنهن فقط هن گهوڙيسوارن جي مدد سان سندن پوري ملڪ جو مخفي طرح سان ۽ خود پنهنجين اکين سان جائزو ورتو هو ۽ مخالفن جي ڪئمپ کي به غور سان ڏٺو هو. رات جي وقت ۾ حيرت ۾ پوَڻ فارس جي فوج لاءِ گهٽي پاڳي موتمار هو. " سندن گهوڙا ٻڌل ۽ زنجيرن ۾ جڪڙيل هيا ته جيئن پڇي نه وڃن، ۽ جيڪڏهن ڪا خطري جي گهنٽي اوچتي وڳي ته هڪ فارسي پهريون پنهنجو گهر ٻار ٽيڪ ڪندو هو، گهوڙي کي لغام ڏيندو هو ۽ حفاظت جو ويس پهريندو هو، پوءِ گهوڙي تي چڙهندو هو. "[71] هن دفعي گٽليريس طرفان مٿن اوچتي حملي بربرن جي ڪئمپ ۾ افراتفري ۽ نااُميديءَ جو ماحول طاري ڪري ڇڏيو. ٿوري مزاحمت ته ٿي پر وڏو قتلام شروع ٿي ويو هو. اهڙي گوڙ گهمسان جي فضا ۾ زخمي بادشاهه

(چو ته نارسِس پنهنجين فوجين جي ذاتي طور تي ڪمان ڪئي) ميدِيا جي بيابانن ڏانهن پڇي ويو. سندن توڙي اُنهن جي وائسراءِ جا مهانگا تنبو ۽ هيو سامان فاتح کي جنگ ۾ مليو ۽ هتي هڪ واقعو بيان ڪيل آهي جيڪو نه رڳو سندن جهنگلي ماحول جي عڪاسي ڪري ٿو پر سندن فوجين جي ويڑهه يا جنگ جي ڪرتبن بابت اٽڪاڻائيءَ جي به تصديق ڪري ٿو ته سندن ڦوندِ واري فضول زندگي گذارڻ جي طريقن کي به وائکو ڪري ٿو. هڪ چمڪندڙ چمڙي جو ٽيلهو جنهن ۾ هيرا پيل هئا هڪ خانگي سپاهيءَ جي هٿ چڙهي ويو. هُن ٽيلهي کي حفاظت سان پاڻ وٽ رکيو پر ان ۾ جيڪو ڪجهه هيو انکي اچلائي ڇڏيائين ۽ اهو سمجهيائين ته جيڪا شئي ڪر جي ڪاڻ هئي ته ان جو مُلهه وري ڪهڙو هوندو. [72] نارسِس جو جيڪو وڏو نقصان ٽيو هو، ان کيس گهٽو پريشان ڪيو هو. سندس ڪيترين ئي زالون، سندس پيٽين ۽ ٻار جن فوج ۾ خدمتون ڏنيون هيون، اُنهن کي شڪست اچڻ کانپوءِ قيدي بنايو ويو. پر، توڙي جو گٹليس جي ڪردار جي عام طرح سان سڪندر سان ڪابه مطابقت ڪاڻ هئي؛ هن فتح کانپوءِ ڊئريس جي خاندان سان مٹسيدونيا جي سورمي جي ڪاپي ڪئي. نارسِس جي زالن ۽ ٻارن کي ڪنهن به ڦُرلٽ، ظلم يا زيادتيءَ کان محفوظ رکيو ويو، کين سلامتيءَ واري جڳهه تي رکيو ويو ۽ اُنهن سان عزت ۽ نرميءَ وارو سلوڪ روا رکيو ويو جيڪو هڪ وڏي دل رکندڙ جنرل جي شان وٽان هو ۽ شاهي خاندان جا فرد پنهنجين عمرين ۽ جنسن سبب جنهن جا حقدار به هيا. [73]

جڏهن ته اوير ۾ هن مقابلي جي نتيجي جو شدت سان انتظار ڪيو پئي ويو، شهنشاهه ڊائڪليشين شام ۾ هڪ وڏي فوج فقط هن جنگ جي مشاهدي ڪرڻ لاءِ گڏ ڪئي هئي، پري کان روم جي طاقت جو مظاهرو ڪري رهيو هو ۽ پاڻ کي هر وقت هوشيار ۽ تيار رکيائين ته مبادا وڏي اهميت واري جنگ ۾ سندس اوچتي ضرورت پئجي وڃي. سوبَ جي خبر پوڻ شرط، هو وڏي شفقت ۽ مهرباني، جو مظاهرو ڪندي سرحد طرف وڏي ويو ۽ گٹليس جي فخر ۽ خوشي جي احساس کي ڪجهه اعتدال ۾ آڻڻ جي خيال ۽ ضرورت پوڻ تي مشورن ڏيڻ واسطي به هو جنگ جي سرحد تي پهتو هو. نِسبس ۾ روم جي شهزادن جي ماٿهن سان ملاقات کي هڪ طرف کان عزت سان ڏنو ويو ته ٻي طرف کان به اوتروئي احترام جو مظاهرو ڪيو ويو. هن ئي شهر ۾ عظيم شهنشاهه جي سفير کي به پوءِ جلدئي ملاقات جو شرف بخشيو ويو. [74] نارسِس جي طاقت توڙي جلبو سندس آخري شڪست ۾ هٿي ٽٽي پيا هيا تنهنڪري هن سمجهيو ته صلح ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو طريقو ڪونه هو جيڪو رومين جي فوجي طاقت کي اڳتي وڌڻ کان روڪي سگهي. هن پنهنجي پسنديده ۽ اعتماد واري نوڪر اُفربان کي موڪليو ۽ کيس اختيار ڏنا ته هو صلح جي شرطن بابت وڃي ڳالهائي ۽ ناڪاميءَ جي صورت ۾ اُهو سيڪجهه قبول ڪري اچي جيڪو اُهو فاتح کيس ڏئي. افربان گفتگو جو موضوع ڇيڙيندي ئي پنهنجي ڪتب لاءِ پنهنجي مالڪ جي مهربانين ۽ سندس سهڻي سُلوڪ لاءِ پنهنجي احسانمنديءَ جو ذڪر ڪيو ۽ نامياري تيدين کي آزاد ڪرڻ لاءِ درخواست پيش ڪئي. هن گٹليس جي بهادريءَ کي ساراهيو پر اهڙي طريقي سان جيئن نارسِس جي شهرت تي به ڪو حرف نه اچي ۽ فاتح سيزر جي مٿاهين مرتبي ۽ شان ۾ڪو ڪان نه ته عار ڪيائين نه ان کي عيب سمجهيائين ته اُن بادشاهه کان کيس برتري حاصل هئي جيڪو پنهنجي قبيلي جي سيني شهزادن کان مرتبي ۾ مٿاهون هو. فارس جي منصف مزاجيءَ جي تقاضائن جي باوجود، کيس اختيار ڏنو ويو هو ته موجوده تضاد کي هو ٻنهي بادشاهن جي فيصلي جي حوالي ڪري ڇڏي ڇو ته کيس يقين هو ته موجوده خوشحاليءَ جي

عياشيءَ ۾. هو پاڻ ۽ بخت جي گهٽ وڌاين يا لاهن ڇاڙهن کان بيخبر نه هوندا. آفريان پنهنجي ڳالهه هولهه مشرق جي مانائتن مُحاورن جي انداز ۾ ختم ڪندي چيو ته روم ۽ فارس جون شهنشاهتون، سڄي دنيا جي لاءِ ۾ اڪين وانگر آهن جيڪي نامڪمل، ڪٽيل ۽ بيڙيون لڳندیون جيڪڏهن هنهي مان کابه هڪ اڪ ٻاهر ڪڍي وڃي.

" اهو فارس وارن جو وڙ آهي، " گٽليريس سخت ناراضگيءَ مان جواب ڏنو جنهن مان لڳي رهيو هو ته جيئن سندس سڄو جسر ڪاوڙ ۾ وٽجي يا تپي باهه ٿي ويو هجي، "اهو فارس وارن جو وڙ آهي ته بخت ۽ قسمت جي لاهن چاڙهن کي به وڌائي پيش تا ڪن ۽ وري خاموشيءَ سان اسان کي اعتدال پسنديءَ جي چڱاين تي ليڪچر ڏين تا. ڪين بدقسمت ويلرين جي سلسلي ۾ سندن پنهنجي اعتدال پسندي ياد ڪرڻ گهرجي. اُنهن ڪيس دوکي سان شڪست ڏني، اُنهن ساٿس بيعزتي وارو سلوڪ ڪيو. هن کي سندس زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين ذلت آميز طريقي سان قيد ۾ رکيو ويو. ۽ موت کانپوءِ به سندس مڙهَ کي تڪليف ڏئي وڌيڪ رُسوا ڪيو ويو." * پنهنجي لهجي کي ڪجهه نرم بنائيندي، گٽليريس فارس جي سفير کي ٻڌايو ته رومين جو وَڙُ اهو هرگز نه رهيو آهي ته اڳ ئي مُئل يا ڪمزور دشمن تي وار ڪن؛ ۽ هن موقعي تي ڪين پنهنجي وقار ۽ مانَ تي پاڙڻ گهرجي بجاءِ ان جي جو فارسين جي اهليت تي ويساهه ڪجي. هن افريان کي اجازت ڏني ته هو پلي وڃي ۽ اُميد ظاهر ڪئي ته نارسِس کي بادشاهن جي رحم دلي ۽ نرمي جي روَيي ۽ دائمي اَمن قائم ڪرڻ جي شرطن جي سلسلي ۾ جلد آگاهه ڪيو ويندو ۽ سندس زالن ۽ ٻارن جي واپسيءَ بابت پڻ ٻڌايو ويندو. هن ڪانفرنس ۾ گٽليريس سخت جذباتي نظر اچي ٿو ته ساڳي وقت ڊاڪليشين جي اختيارن ۽ سندس بي بها دانائي ۽ ڏاهپ لاءِ پڻ بيحال احترام جو اظهار ڪري ٿو. اوپر فتح حاصل ڪرڻ کانپوءِ گٽليريس جو اعتماد وڌيڪ پختو ٿي ويو هو ۽ هاڻي سندس ارادو ۽ عزم اهو هو ته هو فارس جي ملڪ کي ننڍو ٻٽائي صوبي جي سطح تائين آڻي ڇڏي. هوڏانهن ڊائڪليشين اعتدال واري پاليسيءَ کي اختيار ڪيو هو. هن موقعي کي غنيمت سمجهيو ته ڪاميابي ماڻڻ جي باوجود هو جنگي جنون کي ختم ڪري ۽ هڪ باوقار امن امان جي فضا کي خِطي ۾ قائم ڪري جنهن ۾ عزت ۽ فائدو هُئي موجود هيا. [75]

پنهنجي ڪيل واعدي جي پوئواري ڪندي شهنشاهن جلد ئي سڪوريَس پروبَس کي، جيڪو سندن سيڪريٽري هو، مقرر ڪيو ۽ مٺس ذميواري رکي ته سندن ڪيل فيصلي بابت فارس وارن کي جلد آگاهه ڪيو وڃي. امن امان جي وزير جي حيثيت ۾، سندس آڏر پاءُ محبت ۽ دوستيءَ جي جذبن سان ڪيو ويو پر هڪ ٻهاني سان ته جيئن ته هو ڊگهو سفر ڪري آيو هو ته ڪيس ڪجهه ڏينهن آرام جي ضرورت هُئي، شهنشاهه سان پروبس جي ملاقات روز بروز پنڌتي ٽيندي رهي، ڪيس آهستي آهستي شهنشاهه جي ٻين ڪمن ۽ مصروفيتن کان آگاهه ڪيو ويو. نيٺ هڪ ڏينهن ڪيس اجازت ڏني وئي ۽ هُن ميڊيا ۾ شهنشاهه جي خدمت ۾ اسپروبس نديءَ جي ويجهو وڃي ملاقات ڪئي. ساٿس دير سان ملاقات ڪرڻ جو ڳجهو مقصد هي هو ته نارسِس چاهيو ٿي ته هو فوجن جي وڏي تعداد کي هڪ جڳهه تي ڪٺو ڪري ته جيئن هو پنهنجن مخالفن کي پنهنجي طاقت ڏيکاري سگهي ۽ بادشاهي مانَ ۽ مرتبي مطابق صلح قائم ٿي سگهي جنهن ۾ هو بلڪل مخلص هو. هن ڪانفرنس ۾ ٽن ڇڻن شرڪت ڪئي، هڪڙو آفريان ٻيو محافظن جو مُنهندار ۽ ٽيون هڪڙو آفيسر هو جنهن اڳ آرمينيا جي سرحد تي فوج جي ڪمان ڪئي هئي. [76] سفير جيڪو پهريون

شرط چونڊيو ته اُهو هاڻي ايتري اهميت وارو ناهي: ته نِسبِس جو شهر قائم ڪيو وڃي جيڪو ٻنهي ڌرين جي فائدي ۾ هوندو ڇو ته ٻنهي ملڪن جي وڻج واپار لاءِ اُهو شهر مرڪزي ڪردار ادا ڪندو. روم جي شهنشاهن جي ارادن کي سمجهڻ ڪو مسئلو ناهي ڇاڪاڻ ته اُنهن وڻج واپار ذريعي پنهنجي مالي حالت بهتر بنائڻ ٿي چاهي پر جيئن ته نِسبِس سندن پنهنجي حڪومتي حدن ۾ هو ۽ اُهي آمدني توڙي روانگي واپار جا مالڪ ۽ مختيار ٻه پاڻ هيا تنهنڪري اهڙي قسر جون بندشون ۽ رڪاوٽون ٻن ملڪن جي وچ ۾ صلحنامي سان گهڻ پر ملڪ جي اندروني قانون سان وڌيڪ تعلق رکندڙ هيون. انهن ناتن کي اثرائتو بنائڻ لاءِ فارس جي شهنشاهه طرفان ڪجهه شرطن ۽ پڪن واعدن ڪرڻ جي ضرورت هئي جيڪي يا ته سندس طبيعت کي ناگوار لڳي رهيا يا وري اُهي سندس مقصدن ۽ وقار سان پيڇجي نه رهيا هيا تنهنڪري نارسِس کي اُنهن کي مڃڻ لاءِ آماده ڪري نه پيو سگهجي. جيئن ته فقط هي هڪڙو نقطو اهڙو هو جنهن تي هن پنهنجي رضامندي نه ڏيڪاري ته بهرحال ان نقطي مڃڻ تي وڌيڪ زور ٻه نه پريو ويو: نتيجي ۾ وڻج واپار کي فطري رستي سان وڌڻ ويجهڻ ۾ رُڪاوٽ اچڻ سبب ٻنهي شهنشاهن کي نقصان برداشت ڪرڻو پيو. يا وري اُهي اُنهن پابندين سان راضي رهيا جيڪي سندن پنهنجن اختيارن ۾ رهن ۽ جن تي فقط سندن حڪم هلي سگهي.

جيئن ئي هيءَ رندڪ هٽي وئي ته هڪ عزت وارو صلح نامو عمل ۾ اچي ويو ۽ جنهن کي ٻنهي ملڪن طرفان خوشي سان منظور ٻه ڪيو ويو. صلحنامي جا شرط جيڪي شهنشاهت لاءِ بيحد شانائتا ۽ فارس لاءِ انتهائي ضروري هئا، اُنهن تي وڌيڪ ۽ خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي ڇو ته روم جي تاريخ ۾ اهڙا ڏيتي ليتيءَ جا يا ڪاروباري مانائتا معاهدا تمام گهڻ آهن ڇو ته سندس ڪيترين ئي جنگين يا ته مڪمل سوپ ڪرڻ سبب وچ ۾ ختر ٿي ويون هيون يا وري اُهي بربرن سان وڙهيون ويون هيون جيڪي جاهل هيا ۽ پڙهڻ لکڻ کان صفا اڻڄاڻ هيا.

صلح نامي جا شرط هي هيا:

1. ابوراس کي، يا جيئن انکي زينوفن اريڪِيس ڪوئيو آهي، ٻنهي شهنشاهتن[77] جي وچ ۾ سرحد تسليم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اُن ندي‌ءَ کي، جيڪا دجلہ جي ويجهو ٿي نڪتي، نِسبِس جي هيٺاهين‌ءَ کان، ڪجهه ميلن تائين هڪ ننڍي نهر مگڊونيَس ذريعي وڃايو ويو جيڪا سِنگارا جي ديوارن جي هيٺان ٿي لنگهي ۽ سرميَر وٽ فرات ۾ وڃي ٿي ڇوڙ ڪيائين جيڪو ڊائڪليشين جي سنڀال هيٺ هڪ سرحدي شهر هو ۽ انکي قلعا ناهي بيحد محفوظ بنايو ويو هو. ميسوپوٽيميا، جيڪو ڪيترين ئي جنگين جو مرڪز رهيو هو، کي بادشاهت جي حوالي ڪيو ويو ۽ هن صلحنامي جي عمل ۾ اچڻ کانپوءِ فارس وارن ان وڏي صوبي تي پنهنجون سيئي دعوائون ختر ڪري ڇڏيون.

II. اُنهن، دجلہ کان اڳتي پنهنجا پنج صوبا رومين لاءِ ڇڏي ڏنا يا اُنهن جي حوالي ڪري ڇڏيا.[79] اُنهن صوبن جي بيهڪ ڪجهه اهڙي هئي جنهن ۾ هڪ فائدي واري تحفظ جو ڪر ٿي ڏنو ۽ سندن فطري طاقت جلدئي فنَ ڪاريگرين ۽ ملينري جي مهارت سبب بيحد بهتر ٿي وئي. ندي‌ءَ جي اُتر طرف چار اهڙا ضلعا هئا جن جو ايترو وڏو نالو نه هو ۽ نه وري اُنهن جون حدون وڏيون هيون. اِنتلائين، زئبديسين، آرزِنِن ۽ موڪسين: پر دجلہ جي اوپر ۾ شهنشاهت کي هڪ وڏو ۽ جابلو علائقو ڪارڊيوئين ملي ويو جيڪو ڪارڊوچيَس جو قديمي گاديءَ جو هنڌ هو جن، زمانن تائين، ايشيا جي آمريت وارين شهنشاهتن ۾ پي، پنهنجي بهادريءَ جي جذبن ۽ باوقار آزاديءَ کي سلامت رکيو

هو. ڏهه هزار يوناني ستن ڏينهن جي ڏکوئيندڙ سفر ۽ وڏين تڪليفن کانپوءِ سندن ملڪي سرحدن ۾ داخل ٿي ويا، ۽ پوءِ سندن ليڊر اُتان هڪ مثالي پاڻ ڪندي اها ڳالهه وڏي واکي مڃي ته وڏي بادشاهه جي طاقت [80] کان ڪيئي حصا وڌيڪ ڪارڊوچينس جي تِکن تيرن جي وسڪاري سبب کين سخت نقصان ٿيو. سندن پويان ايندڙ نسلَ، جن پاڻ کي ڪُرد سڏرايو، جنهن ۾ نالي يا ڪجهه طور طريقن جي معمولي ڦير ڦار هئي، اڄڪلهه جي ترڪيءَ جي سلطان کي پنهنجو حاڪم تسليم ڪيو، توڙي جو اُها سندن نالي ماتر تابعداري هئي.

III. اها ڳالهه ڏهرائڻ ڄڻ اجائي آهي ته ٽريڊيشنس جيڪو روم جو اعتماد وارو ساٿي هو، ڪي سنڊس ابن ڏاڏن جي تخت تي ويهاريو ويو. سنڊس بادشاهي ۽ بالا دستيءَ جي حقن کي پوريءَ طرح قائم ۽ محفوظ ڪيو ويو هو. آرمينيا جون حدون پري تائين يعني ميڊيا ۽ سنڌا جي قلعي تائين وڌايون ويون هيون ۽ حڪومت جي حدن جو واڌارو کنهن سخا جو نتيجو نه پر انصاف جي تقاضائن مطابق هو. دجلہ کان اڳتي جن صوبن جو اسان اڳ ۾ ذڪر ڪيو آهي، اُنهن مان پهرين ڄڻ کي پارٿينس، آرمينيا [81] جي بادشاهت کي ٽوڙي ڌار ڪري ڇڏيو هو. ۽ جڏهن روم وارن اُنهن جو قبضو حاصل ڪيو ته اُنهن غاصبن جي ذميواريءَ تي ان جي عيوضي وڌڻ جا واعدا وَڇن کانئن ورتا جنهن ائٽروپٽين جهڙي سرسبز ۽ آباد ملڪ جو وسيع علاقو سندن اتحاديءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو. سنڊس وڏي شهر، ساڳين حالتن ۾ جيئن جديد تؤرِس، ڪي ٽريڊيشنس جي رهائش گاهه هئڻ جو اعزاز ملندو رهيو. ۽ ڪڏهن وري ان جو نالو ايڪبتانا هوندو هو: هن سلسلي ۾ هن ميدس جي شاندار گاديءَ جي هنڌ جي عاليشان عمارتن ۽ قلعن جي تعمير ۽ طرز جي ڪاپي ڪئي هئي. [82]

IV. آئبيريا جو ملڪ غيرآباد ۽ ويران هو ۽ ان جا رهواسي جاهل، جهنگلي ۽ مغرور هئا. پر کين هٿيارن جي استعمال ڪرڻ جي ڇڪيءَ طرح آگاهي هئي ۽ اُنهن پوري بادشاهت مان اهڙن بربرن کي پاڻ کان جدا ڪري ڇڏيو هو جيڪي سندن مقابلي ۾ وڏيڪ خطرناڪ ۽ ڏِنگا ماڻهو هيا. جبل ڪاڪسَس جا سوڙها لنگهه سندن قبضي ۾ هئا ۽ اها سندن مرضي ۽ اختيار هو ته هو ڪنهن کي پنهنجين حدن ۾ اندر اچڻ ڏين يا وري چاهن ته سرماتيا جي رولُو قبيلن کي باهر ڪڍي ڇڏن جو ته ڪڏهن ڪڏهن انهن جا ٽوڙُو ۽ لالچي ماڻهو ڏاکڻين علاقن جي اهڙين خوشگوار موسمن ۾ ٽپي پوندا هيا. [83] اوير جي خطي ۾ چاليهن سالن تائين امن امان جي فضا قائم هئي ۽ ان اڳين دشمن شهنشاهت جي وچ ۾ جيڪو صلحنامو وجود ۾ آيو هو، ان تي ٽريڊيشنس جي مرڻ تائين پابندي ۽ سختي سان عمل ڪيو ويو. جڏهن هڪ نئين نسل، جيڪو مختلف خيالن ۽ جذبن سان پريل ۽ جوشيلو هو، دنيا جي حڪومتن جون واڳون اچي سنڀاليون ته نارِسس جي پوئي، ڪانسٽنٽائن جي گهراڻي جي شهزادن سان هڪ ڏکوئيندڙ ۽ يادگار جنگ جوٽي ڇڏي.

تڪليفن ۾ مبتلا شهنشاهت کي آمرن ۽ بربرن کان بچائڻ جو بيحد ڏکيو ڪم هاڻي پوريءَ طرح تڪميل تي پهچي ويو هو جو ته اليريا جا هاري هاڻي تخت تي وڃي وينا هيا. جيئن ئي ڊائڪليشين پنهنجي حڪومت جي ويهين سال ۾ قدم رکيو ته هن پنهنجي يادگار دؤر ۽ هٿيارن جي ڪاميابيءَ کي روم جي شان مانَ ۽ سرهائيءَ سان ملهايو. [85] مئڪسيمين جيڪو سنڊس طاقت ۽ مرتبي جو هڪ جهڙو حصيدار هو، ان ڏينهن جي خوشين ۾ هو سنڊس اڪيلو ساٿي هو. ٻئي سيزرس جنگين ۾ وڙهيا هيا ۽ سويون ماڻيون هيائون پر سندن معرڪن ۽ جنگين ۾ سندن اهليت، قديمي اصولن جي سختيءَ سان لاڳاپيل هئي ته ساڳي وقت سندن ابن ڏاڏن ۽ شهنشاهن جي سپاهگي اثر رسوخ جو به سندن ڪاميابين سان

گهرو تعلق هو. [86] ڊائڪليشيَن ۽ مئڪسيميَن جون فتحون، آريائين ۽ پروبَس * جي مقابلي ۾، گهٽ نمايان هيون، پر پوءِ به هنن جي دؤر جو ڏهڏهو، مٿيري شهرت ۽ بلند بخت ذريعي سندن شان شوڪت جو هو ڪو هر جاءِ پيو هلندو هو. آفريڪا ۽ برطانيه، رائين، دنيوب ۽ نيل پنهنجون پنهنجون فتح جون ٽرافيون ته نروار ڪري ڇڏيون هيون پر هڪ اهڙو زيوَر جيڪو سُونهَن کي نڪاري ۽ جنهن تي ماڻهو فخر ڪري سگهي، اُهو فارس جي عظيم فتح ۽ ان کان جلد پوءِ وري ٻي سوپ جي حاصل ٿيڻ جو ڪارنامو هو. ندين، جبلن ۽ صوبن جي نمائندگي شهنشاهه جي گاڏي اڳيان پيش ڪئي وئي. قيدي زالن، پيٽين ۽ وڏي شهنشاهه جي ٻارن جي تصويرن، ماڻهن جي سڪٽي ٿوندَ آڏو هڪ نئون ۽ احسانمندي وارو نظارو پيش ٿي ڪيو. [87] پوئين نسل جي نظرن ۾، هيءَ فتح نمايان ۽ نروار ضرور هئي پر ان جو شان مان ايترو وڏو نه هو. روم جيڪي به فتحون حاصل ڪيون يا ڏنيون هيون ته اها اُنهن منجهان آخري هئي. هِن دؤر ڪانپوءِ، شهنشاهن، ٻين کي فتح ڪرڻ ڇڏي ڏنو ۽ روم هاڻي شهنشاهت جي گاديءَ جو هنڌ نه رهيو هو.

جنهن هنڌ تي روم جو بنياد رکيو ويو هو، ان کي قديمي مذهبي رسمن ۽ جُڙتو معجزن سان مقدس بڻايو ويو هو، ڪنهن ديوتا جي موجودگي يا ڪنهن سورمي جي ياد کي شهر ۾ هر هنڌ تي عزت سان ڏنو پئي ويو ۽ سڄي دنيا جي شهنشاهت فقط ۽ فقط ڪئپيٽول (Capitol) لاءِ وقف ٿيل هئي، [88] روم جا مقامي ماڻهو هن دوڪي واري طاقت کي محسوس به ڪندا هئا ته مجيندا به هئا. ان عقيدي کي هنن پنهنجن اٻن ڏاڏن ذريعي اختيار ڪيو هو جيڪو آهستي آهستي سندن زندگيءَ جي ٻين اختيار ڪيل عادتن سان گڏ وڏندو ۽ وڌيڪ پختو ٿيندو رهيو ۽ جنهن کي، هڪ لحاظ کان ڪجهه سياسي فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ، محفوظ ڪيو ويو هو. حڪومت جي طور طريقي ۽ گاديءَ جي هنڌ کي پاڻ ۾ اهڙيءَ طرح هڪ ٻئي سان ڳُنڍي ملايو ويو هو جو اهو ممڪن ئي ڪو نه هو ته ڪنهن به هڪ جي تباهي ۽ بربادي کانسواءِ، ٻي کي ان کان ڌار ڪري سگهجي. [89] پر وقت گذرڻ سان گڏ گاديءَ جي هنڌ جي خودمختياري فتحن کي وسيع ڪرڻ جي صورت ۾ ختم ٿيندي رهي. صوبا به وڏا ٿي ساڳي سطح تي پهچي ويا، ۽ فتح ٿيل قومن به هاڻي پنهنجو نالو ڪڍيو هو ۽ حق به حاصل ڪري ورتا هيا، پر اِهي حق وٺڻ وقت اُنهن روم وارن جي تهذيب ۽ طور طريقن کي پوريءَ طرح + اختيار نه ڪري سگهيو هو. روم جي قديمي آئين جي ڪجهه بچيل حصن ۽ رسمن روايتن گڏجي روم جي شان ۽ وقار کي هڪ ڊگهي عرصي تائين سلامت رکيو هو. شهنشاهه، تورَي جو سندن اصل نسل آفريڪا يا اليريا جو هو، پنهنجي اختيار ڪيل ملڪ جو احترام ڪرڻ لڳا جيڪو هاڻي سندن طاقت جو سرچشمو ۽ سندن وڏي ۽ وسيع حڪومت جو مرڪز هو. جنگ جي اوچتين ضرورتن سبب شهنشاهه گهٽو ڪري پنهنجي ملڪ جي سرحدن تي رهندا هئا، پر ڊائڪليشيَن ۽ مئڪسيميَن اُهي پهريان روم جا شهنشاهه هئا، جن صلح جي ڏينهَن ۾ پنهنجي عارضي رهائش گاهه صوبن ۾ قائم ڪئي هئي ۽ اُنهن جو روَيو، جنهن کي ذاتي مقصدن ذريعي جيڪو به نالو ڏجي، حڪومتي پاليسي جي شاندار روايتن مطابق بلڪل جائز ۽ درست هيو. اولهه جي خطن جي بادشاهه جو گهر، گهٽو ڪري مِلن (Milan) ۾ قائم ڪيو ويو هو جيڪو ائلپس جي پرپاسي هو ۽ ان جي بيهڪ ۽ نوعيت روم جي مقابلي ۾ وڌيڪ مانائتي ۽ حڪومت لاءِ فائديمند هئي ڇو ته اُتان بربرن جي اُٽ ويهَ ۽ ڇُرپر تي سؤلائيءَ سان نظرداري ڪري سگهبي هئي. ملن جلدئي هڪ شاهي شهر جي رونق ۽ شان اختيار ڪري ورتو. گهرن جي لاءِ ٻڌايو ويو آهي ته اُهي تمام گهٽا

۽ تمام سڀا ڦهيل آهن. ماڻهن جا طور طريقا مهذب ۽ فراخ دليءَ وارا آهن. سرڪس، ٿيٽر، خزانو، محلات، غسلخانا جيڪي سيئي مٽڪسيمين جي نالي ۾ ٺهرايا ويا هئا، چپرا يا وراندا مجسمن سان سينگاريا ويا هيا ۽ پٽين تي اُڪريل پٽن قسمن جي گول دائرن نٽين گاديءَ جي هنڌ کي خوبصورتي ڏيڻ ۾ اهر ڪردار ادا ڪيو هو ۽ ائين ٻ ٺ هو ٽ روم جي ويجهي هٽڻ سبب ان جي اهميت ۽ شان شوڪت تي ڪو اثر پيو هو. [90] ڊائڪليشين جي بهرحال آرزو ۽ ارادو اهو هو ٽ روم جي شان ۽ عظمت سان هو ڪُلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهي: هن سلسلي ۾ هن پنهنجو فرصت جو وقت تورڙي اوپر جي دولت، نڪوميڊيا (Nicomedia) جي سينگارڻ سنوارڻ ۾ لڳائي ڇڏي جيڪو يورپ ۽ ايشيا جي ڇيڙي تي هڪ شهر هو، ۽ اهو دنيوب ۽ فرات جي وچ تي ۽ هڪ جيتري مفاصلي تي هو. بادشاهه جي پنهنجي شوق ۽ ماڻهن جي پٽسن خرچ ڪرڻ سان، نڪوميڊيا، ٽورڙن ٽي سالن ۾، ايترو ٽ رونق وارو ۽ شانائتو ٿي ويو جو ايڏي وڏي شان شوڪت حاصل ڪرڻ لاءِ هونئن شايد زمانا لڳي وڃن ها ۽ روم، اليگزئندريا ۽ ائنٽئڪ کان پوءِ ڏيڪهه ويڪر تورڙي آمشماريءَ جي لحاظ سان وڏي ۾ وڏو نظر اچڻ لڳو. [91] ڊائڪليشين ۽ مٽڪسيمين جي زندگي لڳاتار ڇُرپر ۽ عمل واري هئي ۽ اُنهن جو گهڻي ۾ گهڻو حصو فوجي ڪٽمپن ۾ يا وري ڏکڻ ۽ هڻ هٽان جي سفرن ۾ گذريو هو. ۽، جڏهن ٻ ماڻهن جي مسئلن کان کين کا فرصت ملي پئي ٽ هو هڪدم پنهنجي پسنديده رهائش گاهن طرف نڪوميڊيا يا مِلن هليا ويندا هيا ۽ فرصت جون خوشيون وڃي ملهائيندا هئا. ڊائڪليشين پنهنجي حڪومت جي ويهين سال تائين، جڏهن هن روم جي سوين ۽ خوشين کي ڏوم ڏام سان ملهايو هو ٽ اها ڳالهه ڏاڍي شڪ واري آهي ٽ هيتري ساري وڏي عرصي ۾ هن کڏهن هڪ دفعو ٻ شهنشاهت جي گاديءَ جو هنڌ وڃي ڏٺو هجي. اهڙي يادگار موقعي تي ٻ هو ٻن مهينن کان مٿي نه رهيو هو. روم جي ماڻهن جي ٻچان ڏيارينڊ روَيي سبب، هن سخت ناراضگيءَ ۾ سفارتي عهدي جي مٿاهين اعزاز حاصل ڪرڻ کان تيرهن ڏينهن اڳ، اُبهرائيءَ ۾ هن روم کي ڇڏيو هو. [92]

روم ۽ روم جي آزاديءَ لاءِ ڊائڪليشين جي نفرت ڪنهن عارضي يا اوچتي جذبي جو نتيجو نه هئي پر اها سندس چالاڪي واري پاليسي مطابق هئي. ان هوشيار شهزادي شاهي حڪومت هلائڻ جو هڪ نئون طريقو ڳاهيو هو، جنهن کي اڄتي هلي ڪانسٽٽنائن مڪمل ڪيو هو ۽ جيئن ٽ سينيٽ ۾ پراڻي آئين کي اُنهيءَ ۽ ساڄي حالت ۾ محفوظ ڪيو ويو هو، هن اهو فيصلو ڪيو ٽ اڳئين سرشتي جي باقيات کي انجي طاقت ۽ وجود کان محروم ڪري ڇڏي. اسان جي يادگيريءَ مرجب، ڊائڪليشين جي ترقيءَ کان اٺ سال ڪن اڳ ۾، روم جي سينيٽ جي سلسلي ۾ رڳيون سڪيون اُميدون ۽ سندس عارضي معتبري ۽ عظمت جا اجايا آسرا هوندا هيا جيترو وقت جوش ۽ جذبو قائم رهيو ٽ ڪيترن ٽي اميرن ۽ معزز ماڻهن ٻ آزاديءَ خاطر جذبن جي گرمجوشي ڏيکاري ۽ پروبَس جي جانشينن جڏهن ريپبليڪن پارٽيءَ کان مُنهن موڙيو ٽ پوءِ سينيٽرن لاءِ اهو مشڪل ٿي پيو ٽ پنهنجي هلڪي ناراضگي کي ٻ لڪائي سگهن. اتلي جي حاڪر جي حيثيت سان، مٽڪسيمين تي اها ذميداري سؤنپي وئي هئي ٽ هو هن خطرناڪ فتني، جي باهه کي وِسائي، چو ٽ هن ڪر کي تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ سندس ظلم تي مائل طبيعت نهايت ٽي موزون هئي. سينيٽ جي ڪجهه معزز ۽ شهرت رکندڙ ميمبرن، جن جي ڊائڪليشين ظاهري طرح عزت ڪندو هو، تي سندس سائيءَ طرفان پلاٽن، تورڙي هڪ شاندار گهر يا هڪ وڏي ملڪيت رکڻ جا الزام هئا، جنهن کي سندس ڪُڌن ڪمن ۾

شامل هئڻ بابت هڪ شاهديءَ سان تعبير ڪيو ويو.[93] شاهي محافظ جيڪي هن وقت تائين ماڻهن سان ظلم ۽ ڏاڍايون ڪندا رهيا هئا، هاڻي روم جي شان شوڪت کي بچائڻ جون ڪوششون ڪرڻ لڳا؛ ۽ جيئن ته اهي مفرور ۽ هليلا سپاهي پنهنجي طاقت جي زوال جو اندازو لڳائي چڪا هيا ته اُهي هاڻي لطري طور پنهنجي طاقت کي، سينيٽ جي اختيارن هيٺ، متحد ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويا. ڊائڪليشين جي دوراندیشيءَ جي قدر ڪٽڻ سان، شاهي محافظن جي تعداد کي آهستي آهستي گهٽايو ويو. سندن خصوصي سهولتن کي ختر ڪيو ويو ۽[94] اُنهن جي جڳهه تي اليريڪر جي هن وفادار فوجين کي رکيو ويو جن کي " جوويَنس ۽ هرڪيولينس" جا لقب عطا ڪيا ويا ۽ هاڻي بادشاهي محافظن جون ذميواريون پوريءَ طرح کين ٽي سؤنپيون ويون.[95] ۾ هڪ موتمار ۽ ڪجهي زخمَر، جيڪو سينيٽ کي ڊائڪليشيَن ۽ مئڪسيميَن طرفان رسيو هو، جو ايذاءُ ۽ تڪليف ٻنهي شهزادن جي غير موجودگيءَ ۾ محسوس ڪيو ويو. جيستائين شهنشاهَ روم ۾ رهيا، ته اسيمبلي کي تنگ ۽ پريشان ڪرڻ جو امڪان ته هوندو هو پر ان کي نظر انداز شايد ئي ڪڏهن ڪيو ويو هجي. آگسٽس جي جانشينن اُنهن قانونن کي ناهڻ ۽ لاڳو ڪرڻ جو اختيار استعمال ٻئي ڪيو جيڪو سندن عقل، فهر ۽ اوچتي مُوڊ مطابق صحيح هيو، پر اُنهن قانونن کي هر حالت ۾ سينيٽ کان منظور ڪرايو ويندو هو. قديمي آزاديءَ جو نمونو سندس حڪمن ۽ لِک پڙهه ۾ محفوظ هو ۽ داناءَ شهزادا، جن کي روم جي ماڻهن جي نفسيات جي خبر هئي، ڪڏهن مجبوريءَ مان ته ڪڏهن چاڻي واڻي ڪوشش ڪري اُها ٻولي ڳالهائيندا هيا ۽ اهڙو روَيو اختيار ڪندا هيا جيڪو عام ماڻهن جي مرضي ۽ مزاج مطابق هجي ۽ جيڪو جمهوريه جي پهرئين مئجسٽريٽ کي به مطمئن ڪري سگهي. فوجين تورَي صوبن ۾، اُهي شهنشاهن جي مان شان کي نروار ڪندا هيا؛ ۽ جڏهن اُنهن پنهنجي رهائش گاهه، گاديءَ جي هنڌَ کان ڪافي پري وڃي اختيار ڪئي ته اُنهن پنهنجي وقتي بهروپ کي بلڪل ڇڏي ڏنو جيڪو آگسٽس پنهنجن جانشينن کي وقت سِر اختيار ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي. قانوني ۽ انتظامي اختيارَ استعمال ڪرڻ جي سلسلي ۾، شهنشاهه، قوم جي مٿاهين ڪائونسل کان پُڇڻ جي بجاءِ، پنهنجن وزيرن سان صلاح مشورا ڪري فيصلا ڪندو هو. سينيٽ جو نالو شهنشاهت جي آخري دؤر تائين به نهايت احترام سان ورتو ويندو هو: سندس ميمبرن جي ڪُوندِ ۽ آڪڙ کي خوش ڪرڻ لاءِ اعزازي لقبن سان نوازي سندن خوشامد ڪئي ويندي هئي،[96] ۽ اسيمبلي، جيڪا وڏي عرصي کان وئي طاقت جو محوَر ۽ مرڪز هئي، کي مايوس ڪندڙ روَيو اختيار ڪري وساريو ۽ ميساريو ويو. روم جي سينيٽ، جنهن شاهي محل ۽ آئين سان سڀ واسطا تورَي ڇڏيا هيا، تورَي جو احترام لائق هئي پر جڏ ته هڪ بيڪار ۽ قديمي يادگار مناري کان وڌيڪ ڪجهه به نه هئي، اُهو منارو جيڪو ڪئپيٽولائن ٽڪريءَ تي آڏو ويو هو.

روم جيَ شهنشاهن کان جڏهن سينيٽ وڃائجي وئي هئي ۽ قديمي گاديءَ جو هنڌ به ساڳيو نه رهيو هو ته اُنهن کان پنهنجي قانوني طاقت جو سرچشمو ۽ پنهنجو اصل نسل به وسري ويو. ڪونسل، الجو نائب، محتسب ۽ مئجسٽريٽ جا شهري عُهدا جن جي ايڪي هڪ انتظامي جوڙ جڪَ کي جنم ڏنو هو، ماڻهن کي ريپبلڪن اصل سان رابستگيءَ جي دوکي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. اهڙن سڀن لقبن کي پري اُڇلايو ويو،[97] ۽ جيڪڏهن هو اهڙي رتبي کان اڳتي به مقاهان هيا ۽ سندن لقبَ بادشاهه يا ڪمانڊر جا هيا ته ان لفظ يا لقب کي هڪ نئين ۽ جديد انداز سان ڪوئيو ويندو

هو ۽ ان جو مطلب روم جي فوجين جو ڪمانڊر هرگز نہ رهيو هو پر ان کي هاڻي رومي دنيا جي حاڪم طور ڄاتو ويو. شهنشاهه جو نالو، جيڪو اڳ فوجي نوعيت جو هوندو هو، لقبن تبديليءَ موجب ڪجهه اهڙي طريقي سان سڏجڻ لڳو جو جڻ ته ڪنهن نوڪر چاڪر جو هجي. (رومينس يا سردار جو لقب، اوائلي معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان هڪ طالتور آمر جو هوندو هو [98] ۽ نہ اهو جيڪو هڪ بادشاهه کي پنهنجي رعيت جي ماڻهن تي يا هڪ ڪمانڊر کي پنهنجن سپاهين تي هوندو آهي. ان ٻُجهان ڏياريندڙ پس منظر ۾، ان غلامي واري لقب کي پهريون سيزس طرفان نفرت وچان رد ڪيو ويو. پر سندس مخالفت وقت گذرڻ سان ڪمزور ٿيندي رهي ۽ نالي واري اڳين سخت نفرت ۾ گهٽ ٿيندي وئي تانجو " اسانجي سردار يا بادشاهه جو لقب به نہ رڳو خوشامد طور سڏجڻ لڳو پر اهو باقاعدي قانون ۽ ماڻهن جي يادگارن ۽ منارن جي آثارن ۾ شامل ٿيڻ لڳو. اهڙن وڏن ۽ مٿاهن لقبن ذريعي ماڻهو اجائي آکڙ ۽ وڏائيءَ ۾ اڃا وڌيڪ ڦوندجي ۽ ويندا هيا نہ اهڙي کوکلي وڏائيءَ ۾ پنهنجي اندر ۾ مطمئن ۽ ٿي ويندا هيا: ۽، جيڪڏهن ڊائڪليشين جا پويان اڃا ۽ بادشاهه جي لقب اختيار ڪرڻ کان انڪار ڪندا هئا نہ اهو سندن اعتدال پسنديءَ جو نہ پر سندن نفاست ۽ سنجيدگي جو نتيجو هو. جتي ۽ لاطيني زبان ڳالهائي ويندي هئي (۽ اها ئي سڄي شهنشاهت ۾ حڪومت جي زبان هئي) تہ شاهي لقب، جيڪو اُنهن لاءِ ئي مخصوص هو، خود شاهه کان وڌيڪ عزت واري معنيٰ ۽ مفهوم سان استعمال ٿيندو هو. جيڪو اُنهن بيشمار ٻرير سردارن سان ۽ شامل ڪيو هوندو يا جيڪو وڏ ۾ وڏ اُنهن رؤميولس يا تارڪئن کان ورتو هوندو. پر اوپر وارن جا جذبا ۽ نازڪ مزاجيون اولهندي خطي وارن کان بلڪل الڳ هيون. تاريخ جي اوائلي وقتن ۾، ايشيا جي حاڪمن کي يوناني زبان ۾ بٽسيليَس يا بادشاهه جو خطاب ملندو هو ۽ جيئن تہ ان کي ماڻهن اندر مرتبي جي پهرين اوچائي يا نيچائي سمجهيو ويو هو تہ ان کي جلدئي اوپر جي غلاميءَ جي ذهنيت رکندڙ ڳوناڻن، روم جي شهنشاهه کي نيچائي ۽ نماڻائيءَ سان خطاب ڪرڻ خاطر اختيار ڪيو هو. [99] ٻيو تہ ڏهيو پر وصفون ۽ صِفتون، ويندي خدائي يا ربانيت جهڙا اعليٰ لقب به ڊائڪليشين ۽ مئڪسيمين پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏيا هيا، جن انهن خطابن کي پنهنجن بيشمار عيسائي بادشاهن ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيو هو. [100] اهي اجايا ۽ وڏا خطاب، جلدئي پنهنجي معنيٰ ۽ مفهوم توڙي لاديڻيت کي وڃائي تا ويهن ۽ جڏهن ڪنَ اهڙن فضول ۽ اجاين آوازن کي ٻڌڻ جا عادي ٿي وڃن تا تہ اُنهن کي بيڪار سمجهي "ٻڌو - اڻ ٻڌو" سمجهيو ته وڃي توڙي جو اُهي آواز بظاهر وڏي احترام وارا لڳن تا.

آگسٽس جي وقت کان وٺي ڊاڪليشين تائين روم جا شهنشاهه جڏهن پنهنجي رعيت جي ماڻهن سان ٻي تڪلليءَ سان ڳالهائيندا هيا، تہ اُنهن کي به ساڳيو ئي احترام پيش ڪيو ويندو هو جيڪو گهڻو ڪري سينيٽرن ۽ مئجسٽريٽن لاءِ وقف هوندو هو. سندن نمايان ۽ الڳ حيثيت اُنهن جي شاهي يا فوجي لباس مان ظاهر ٿيندي هئي، جڏهن تہ سينيٽرن جو لباس ڪشادي ۽ گهوڙيسوارن جو سنهي پٽي يا لکير ڌريءَ سڄاڻپ ٿيندي هئي پر رنگ سڀني جو ساڳيو هوندو هو جيڪو پُروقار لڳندو هو. ڊاڪليشين جيڪو هڪ تمام وڏي لاڪ شهنشاهه هو، پنهنجي فخر ۽ اعتماد واري پاليسيءَ ذريعي، فارس جي ايوان ۽ محلات جي ملڪي اهميت کي ماڻهن اڳيان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. [101] هن جرئت ڪري ملڪي تي تاج جهڙو پٽو پاتو، جيڪو هڪ اهڙو زيور هو جنهن کان روم وارا فضول

وڏ ماٿهپائيءَ جي نشاني سمجهي ان کان بُچان ڪندا هئا ۽ جنهن جي استعمال کڻڻ کي ڪئليگولا جي چريائپ جو اُپهرو عمل سمجهيو ويندو هو. اهو ٻيو ڪجهه نه هو سواءِ ان جي ته هڪ سفيد پٽو يا سربند هو جنهن ۾ موتي جڙيل هوندا هيا ۽ جيڪو بادشاهه جي متي کي ڍڪي ڇڏيندو هو. ڊائڪليشين ۽ سندس پوئلڳن جو لباس ريشم ۽ سون جو هوندو هو ۽ هڪ جملو هن سلسلي ۾ چيل آهي ته سندن جُوتا به نهايت قيمتي موتين سان جڙيل هوندا هيا. اُنهن جي پاڻ ذات تائين پهچڻ کي جيئن پوءِ تيئن ڏکيو بڻايو ڪي ويو جنهن ۾ نروان ضابطا، رندڪون ۽ نشوونما وچ ۾ اچي ويا هيا. محلات جي پرياسي وارن رستن ۽ شاهراهن تي هر طرف کان اسڪول هيا جن کي مقامي آفيسرن جا اسڪول چيو ويندو هو. اندروني گهرَ، کڻڻ جي سخت نگهباني جي حوالي ڪيا ويا هيا جن جي اثر ۽ تعداد جو واڌارو آمريت جي ترقيءَ جا معصوم آثار ۽ علامتون هيون. جڏهن کو رعيت جو خوش نصيب ماڻهو شهنشاهه تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو هو ته پوءِ پلي اُهو ڪيڏي ۾ مرتبي وارو ماڻهو ڇو نه هجي، پر هو شهنشاهه اڳيان سجدي جيان جُهڪي سلام ڪندو هو ۽ مشرقي انداز موجب پنهنجي مالڪ ۽ آقا جي تعريف ۽ مدح سرائيءَ ۾ ٻُڌي ويندو هو.[102] ڊائڪليشين وڏو عقلمند هو جنهن پنهنجي ذاتي توڙي عوامي زندگيءَ ۾ پنهنجي توڙي انسانذات جي روَين ۽ طور طريقن جو جائزو وٺي چڏيو هو ۽ اهو سمجهڻ ايترو آسان نه آهي ته فارس وارن ڪان روم وارن جا روَيا ۽ طور طريقا اختيار ڪرائڻ ۾ هو شايد ايترو مخلص نه هو پر سندس آکڙ ۽ وڏائيءَ ڪانئس اهو ڪم ڪرايو هو. هو ان نظرئي جو هو ته ظاهري ڏيک، شان شوڪت ۽ عياشيءَ وارو روپ ماڻهن جي وڏي انبوهه تي به رعب وجهندو ۽ متن دهشت طاري ڪري ڇڏيندو ۽ بادشاهه تي پوءِ ماڻهن توڙي سپاهين جي چڙواڳيءَ جو ڪو اثر نه ٿيندو ڇو ته سندس ذات ماڻهن جي ڏسڻ واڻسڻ کان محفوظ هوندي ۽ ماڻهن جون نِوڙت ۽ عاجزيءَ جون عادتون کين خودبخود احترام جي جذبن لاءِ قائل ڪري ڇڏيندیون. جيئن آگسٽس اعتدال پسنديءَ جو ڊوُنگ رچايو هو ته وري ڊاڪليشين ملڪ جو ڏيان ڊرامائي پيشڪش طرف چڪرايو هو: پر اهو مجٹو پوندو ته هنهي مزاحيه ڊرامن ۾، پهريون ڪردار پوئين جي مقابلي ۾ وڏيڪ فراخ دلي ۽ بهاديريءَ وارو هو. هڪڙي جو مقصد روم جي لامحدود طاقت کي لِکائڻ ۽ انکي بردباريءَ سان استعمال ڪرڻ جو هو ته هي جي آرزو انکي نمائشي شئي وانگر سيني اڳيان ظاهر ڪرڻ هو ته روم جا بادشاهه ڪيڏي نه بي انداز طاقت ۽ زبردست اختيار رکندڙ هيا.

ظاهري ڏيکاءُ، نئين سرشتي جو پهريون اصول هو جنهنجو ڊائڪليشين بنياد رکيو هو. ٻيو اصول ورهاڱي جو هو. هُن شهنشاهت کي، صوبن کي توڙي شهري ۽ فوجي انتظاميه کي ورهائي ڇڏيو هو. هن حڪومت جي مشينري جي ٿيٽن جي تعداد کي وڌائي ڇڏيو هو ۽ ان جي رفتار کي ڊيرو ته ڪيو هو پر اُها حفاظت جو يقين ڏيارينڊڙ ضرور هئي. هنن ايجادن جا جيڪي به فائدا توڙي نقص يا نقصان هيا، اُنهن جو سندن ايجاد ڪندڙ سان گهرو تعلق هو، پر جيئن ته سندس جانشينن متي ذڪر ڪيل پاليسيءَ ۾ وڏيڪ واڌارا ۽ ترميمون آندیون ۽ اُنهن ۾ جيڪڏهن ڪي ڪوتاهيون رهجي ويون هيون ته انهن کي پورو ڪيو هو، ته اها ڳالهه وڏيڪ اطمينان جوڳي ٿيندي ته اُنهن تي تيستائين غور نه ڪجي جيستائين اُهي هر طرح تڪميل جي مرحلن تائين پهچن.[103] تنهنڪري اسان اهو سڄو معاملو في الحال ڪانسٽنٽائن جي لاءِ مخصوص ڪري ڏا ڇڏيون جيڪو نئين شهنشاهت جي هوبهو تصوير هوندو، تيستائين اسان پاڻ

کي مطمئن ڪرڻ خاطر ڪجھ خاص خاص ۽ فيصلائتين ڳالھين جو ذڪر ڪنداسون جن کي ڊائڪليشين جي ھڏ لکيو ۽ لِيکيو ھيو. ھُن ٽن سائين کي اعليٰ اختيار ھلائڻ لاءِ پاڻ سان گڏ شامل ڪيو ھو ڇو ته ڪيس يقين ھو ته ھڪڙو اڪيلو ماڻھو پلي ڪيڏو بہ قابل ڇو نہ ھجي پر اُھو قومي سلامتيءَ کي يقيني بنائڻ لاءِ ڪافي نہ ھوندو. انڪري ھن چئن شھزادن جي گڏيل انتظام ھلائڻ کي نہ رڳو وقتي ۽ عارضي فائدي ونڻ لاءِ ناھيو پر ان کي آئين جو بنيادي قانون بڻايو. اھا سندس نيڪ نيتي ھئي ته جيڪي عمر ھر وڏا بہ شھزادا ھئا، اُھي ئي تاج پائڻ ۽ وڏائي اختيار ڪرڻ جا حقدار ھيا ۽ آگسٽي جو خطاب باقي رھيل ٻن لاءِ وقف ڪيو ويو ڇو ته وڏن جي محبت ۽ سندن لاءِ عزت جي اھا گھُرج ھئي ته ھو ننڍن کي پنھنجا ننڍا يا مددگار سائي ڪوٺين ۽ سيزرس تي اھا ذميواري رکي وئي ته ھو پنھنجي مرتبي جو مان رکندي اھليت وارن شھنشاھن جي لڳاتار سلسلي کي جاري رکڻ جو انتظام ڪري ڇڏين. شھنشاھت کي چئن حصن ۾ ورھايو ويو ھيو. اوپر جو خِطو ۽ اتلي اُنھن ۾ وڏي عزت وارا ھيا ۽ دنيوب ۽ رائين وري محنت طلب ھنڌ ھيا. پھرئين کي آگسٽي جي سپرد ڪيو ويو جڏھن ته پوئين کي سيزرس جي انتظام ھيٺ رکيو ويو. فوجين جي طاقت کي شھنشاھت جي چئن سائين يا حصيدارن جي حوالي ڪيو ويو ۽ لڳاتار چئن فاتحن ۽ طاقتور اڙينگن جو رعُب ۽ ڏھڪاءُ ايڏو ته زبردست ھو جو ڪنھن فوجي جنرل کي حڪومت جي واڳُ ونڻ جي جرئت ئي نہ ٿيندي ھئي. پنھنجي شھري حڪومت ۾ بادشاھن، فقط ھڪڙي ئي وڏي شھنشاھ جو حڪم ٿي مڃيو جنھن کي آڻ ورھايل شھنشاھت تصور ڪيو ٿي ويو ۽ اُنھن جا حڪم يا فرمان جيڪي سندن گڏيل نالن سان جاري ٿيندا ھيا. سيني صوبن ۾ وصول ٿيندا ھيا جيڪي اُنھن جي گڏيل صلاحڪار ڪائونسل جي اختياريءَ طرفان جاري ٿيندا ھيا. ھيترن سارن احتياطن جي باوجود، رومي دنيا جو سياسي اتحاد يا ايڪو آھستي آھستي ختر ٿي ويو ھيو. ۽ ورھاڱي جي اصول کي جاري ڪيو ويو ھو جنھن ٻورڙن ئي سالن جي عرصي ۾ سڄي شھنشاھت کي ورھائي اوپر ۽ اولھ جي دائمي ۽ جدا جدا شھنشاھت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.

ڊائڪليشين جي نئين سرشتي سان ظاھري طرح نقصان گڏيل ھئا جنھن کي ھن وقت نظر انداز بہ نٿو ڪري سگھجي، جنھن ۾ نئون انتظامي سرشتو ڪافي خرچن وارو ھو ۽ ان ۾ ٽئڪس بہ وڌيل ھيا ته وري ماڻھو بہ تنگ ۽ بيزار نظر ٿي آيا. بجاءِ ھڪ وڏي ٿري غلامن ۽ آزاد انسانن جي ڪٽنب جي جيڪي آگسٽس ۽ ٽراجن جي وقت ۾ سادگيءَ واري عظمت ۾ خوش رھندا ھئا، پر ھاڻي ٿي يا چار وڏي شان شوڪت وارا عاليشان محلات شھنشاھت جي مختلف حصن ۾ جوڙيا ويا ھيا ڇو ته ڪيترن ئي بادشاھن جو ھڪ ھٻي سان ٽوڙي فارس جي بادشاھ سان اجائي آکڙ، فضول برتريءَ جي ڊوڙ ۽ سکڻي شان شوڪت ۽ عياشيءَ جي ڏيڪ ويڪ جو پاڻ ۾ مقابلو ھو. وزيرن، مئجسٽريٽن، آفيسرن ۽ ٻين سرڪاري نوڪرن، جن ملڪ جي مختلف ڪاتن ۾ پنھنجيون ڊيوٽيون ٿي ڏنيون، جو تعداد اڳين سيني وقتن کان تمام گھٽ وڌايو ويو ھو: ۽ (جيڪڏھن اسان ان وقت جي ھڪ ماڻھو جو دلچسپ جملو ڏھرايون) " جڏھن ونڊن جو تعداد ڏيندڙن جي مقابلي ۾ گھٽ وڌي ويو ته صوبن کان ڏَنَ جي وصولي ڪري ڪين مالي طرح پريشان ۽ تنگ ڪيو ويو." [104] ھن دؤر کان وٺي، شھنشاھت جي خاتمي تائين، شڪايتن ۽ دانھُن جو ھڪ لڳاتار سلسلو ھليو جنھن کي بيان ڪجي ته ان ۾ ڪا بہ مشڪل پيش نہ ايندي. پنھنجي مذھب ۽ موقعي جي مناسبت سان

هر ليکڪ، ڊائڪليشين يا ڪانسٽنٽائن، يا وٽلنس يا وري ٿيوڊوسيس + کي پنهنجي پنهنجي ڦٽ لعنت جو نشانو بڻايو آهي، پر سپيئي ان ڳالهه تي اتفاق ڪن ٿا ته عوام کي ٽئڪسن مڙهڻ ۽ سِرَن جي گڏ مطابق ٽئڪس لڳائڻ ذريعي پريشان ڪيو ويو جنهن کي اُنهن شهنشاهن جي زماني جي برداشت ڪرڻ کان ٻاهر عوامي شڪايت ڪونجي ته غلط نه ٿيندو. هڪ غير جانبدار تاريخدان، شڪايتن جي مٿي ذڪر ڪيل اتفاق ڪرڻ تي، جيڪو طنز يا مدح سرائيءَ مان بہ سچي حقيقت کي ڳولي هٿ ڪندو آهي، ان تُهمَت کي شايد اُنهن شهنشاهن ۾ ورهائي ڇڏي جن تي اهو الزام آهي، ۽ عوامي شڪايتن جو ذميوار سندن انتظامي سرشتي جي ڪوتاهيءَ کي نه پر شهنشاهن جي ذاتي ڪوتاهين ۽ عيبن کي بنايو وڃي. ڊائڪليشين حقيقت ۾ ان سرشتي جو بنياد وجهندڙ هو پر سندس حڪومت جي دؤر ۾، عوامي شڪايتن جي پرمار ايڏا بہ اعتدال ۽ حدَ اندر هئي ۽ هن تي اهو الزام بهرحال ضرور آهي ته هن هڪ اهڙو سرشتو قائم ڪيو جنهن مان اڳتي هلي خرابيون پيدا ٿيون، پر اهو نئون چئي سگهجي ته سندس دؤر ۾ ماڻهو پريشان يا تنگ ٿيا، [105] هتي اهو بہ ٻڌائجي ته سندس دؤر ۾ ناڻي جي ورهاست کي دوراندیشي واري اقتصاديات چئي سگهجي ٿو ۽ جڏهن سڀ هلندڙ خرچ ڏئي پورا ڪيا ويندا هيا ته تڏهن بہ شاهي خزاني ۾ ايتري رقم پوءِ بہ بچيل رهندي هئي جيڪا جائز ۽ انصاف جي تقاضائن مطابق باقي خرچن جو پورائو ڪندي هئي يا وري ملڪ جي اوچتين ۽ اڻڄاتل ضرورتن کي بہ ان رقم مان مُنهن ڏئي سگهبو هيو.

جڏهن ڊائڪلشين پنهنجي حڪومت جي ايڪيهين سال ۾ پير رکيو ته هن هڪ يادگار فيصلي جي ذريعي شهنشاهت کي ڇڏڻ جو اعلان ڪيو: هڪ اهڙو فيصلو جيڪو فطري طور وڏي يا نندي ائٽونيئس طرفان ڪرڻ ڪيندو هو ۽ نه اُن شهزادي کي جنهن کڏهن نه ته فلسفي کي ڀرائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي نه وري ان کي طاقت جي استعمال جو ذريعو بڻايو هو. ڊائڪليشين پنهنجي شان ۽ مان مرتبي کي ايڏا مٿاهون ڪري ڇڏيو جو تخت تان دستبردار ٿيڻ جو دنيا ۾ پهريون مثال قائم ڪيائين، [106] ان کان پوءِ ايندڙ سندس جانشينن ان جي مثال جي ڪاپي نه ڪئي. البت چارلس پنجين جي مثال کي برابريءَ لاءِ پيش ڪري سگهجي ٿو، جيڪو في الحال اسان جي ذهن ۾ اچي ٿو، انڪري نه ته جديد تاريخدانن * جي تقريرن يا تحريرن جي ڪمال سبب ان ناليوڪي جي انگريزي پڙهندڙن سان واقفيت ڪرائي وئي آهي، پر فقط هنڪري ته هنهي بادشاهن جي روَيي ۽ عمل ۾ تمام گهٽي ۽ ويجهڙي هڪ جهڙائي آهي ۽ جن جي سياسي قابليت سندن فوجي ذهانت کان گهٽي مٿاهين هئي ۽ جن جا شاندار اخلاق ۽ طور طريقا، فن يا فنڪاريءَ جي بجاءِ، ڪين ڇڻ نظرت جا تحفا مليل هيا. چارلس جو تخت ڇڏڻ، لڳي ٿو ته قسمت جي لاهن چاڙهن سبب هن فيصلو جلدي ڪري ورتو ۽ جيڪي سندس دلچسپيءَ واريون رِڦون ۽ تجويزون هيون اُنهن جي پوري نه ٿيڻ سبب جيڪا ڪيس مايوسي ٿي، ان ڪيس تخت ۽ طاقت ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو جنهن کي هن پنهنجن خوابن جي تعبير ٿيڻ لاءِ اڻپورو سمجهيو. پر ڊائڪليشيَن جي حڪومت جو دؤر هڪ ڪاميابيءَ جي لهَر جيان لڳاتار هليو هو ۽ هن پنهنجن سڀني دشمنن کي شڪست ڏني ۽ ماري مڃايو ۽ جيڪي ۽ جيترين بہ سندس تجويزون هيون تہ اُهي سڀئي مڪمل ٿي چڪيون هيون ۽ ان کان پوءِ ئي هن شهنشاهت تان استعيفا ڏيڻ جو اعلان ڪيو. نہ چارلس ۽ نہ وري ڊاڪليشين عمر جي وڏي حصي ۾ ايڏا داخل ٿيا هٿا چو ته هڪڙي جي عمر پنجهٽ سال هئي ۽ ٻيو فقط اُٺهٽ سالن جو هو: پر انهن شهزادن

جي مصروف زندگي، سندن جنگيون ۽ مسافريون، شهنشاهت جو اونو ۽ ذميداريون ۽ روز مرهه جي ڪاروبار کي ڏسڻ وائسڻ کين جسماني طرح ۾ڏ ڪمزور ڪري ڇڏيو هو ۽ ائين محسوس ٿي رهيو هو ته واقعي پيري ۾ڏ سندن جسماني بناوٽ مان لِياڪا پائي رهي هئي. [107]

سياري جي سخت سردي ۽ برسات جي باوجود، ڊاڪليشيَن پنهنجي سوين ۽ خوشين ملهائڻ ڪانپوءِ جلد اٺلي کي ڇڏيو ۽ اوپر جي خطي ڏانهن پنهنجي سفر جو رُخ رکيو ۽ پهريون اِليرين جي صوبن طرف ويو. ناخوشگوار موسم ۽ سفر جي ٿڪَ سبب، هو ڪجهه بيمار ٿي پيو. ان جي باوجود هو توڙي جو آسانيءَ سان گهمي ڦري ٿي سگهيو، پر پوءِ ۾ ڪيس ڪٽولي تي ويهاري ماٿهو ڪٽي ٿي هليا، پر اونهاري جي آخر تائين نڪوميديا پهچڻ کان اڳ، ۾ ٿي سندس تڪليف تمام گهٽي وڏي وئي ۽ هنجي حالت تشويشناڪ ٿي وئي. سڄو سيارو هو پنهنجي محل ۾ رهيو، سندس صحت جي خطري واري حالت هر طرف ماٿهن ۾ مايوسي ڦهلائي ڇڏي، ۽ ماٿهو سندس صحت جي لاهن چاڑهن جو اندازو فقط سندس خدمتگارن جي چهرن تي خوشيءَ جي آثارن يا غم جي پاڇولن کي يا سندن روَين کي ڏسي ڪري ٿي سگهيا. سندس موت جي افواهه تي هر طرف اعتبار ڪيو ويو ۽ اهو سوچيو ٿي ويو ته ڪنهن طرح اها خبر پکڙجڻ کان محفوظ رهي ته جيئن سيزر گئلريَس جي غير موجودگي ۾ امڪاني تڪليفن ۽ مصيبتن جي مُنهن ڪيڏ کان محفوظ رهي ۽ خطرن کي اڳواٽ ٿي روڪي سگهجي. آخرڪار پهرين مارچ تي، ڊائڪليشيَن هڪ دفعو وري ماٿهن اڳيان ظاهر ٿيو ۾ صفا زرد پيلو ۽ ڳري ڪندا ٿي چڪو هو ۽ اُنهن ماٿهن کان بہ مشڪل سان سُڃاپجي ٿي سگهيو جيڪي هميشہ سندس ويجهو رهيا هيا. هاڻي وقت هو ته هو پنهنجي لڳاتار ۽ ڪٺن جدوجهد جو خاتمو آڻي، جيڪا هن پنهنجي صحت جي نگراني ڪرڻ ۽ پنهنجي وقار کي بحال رکڻ جي وچ ۾ سڄي سال کان بہ وڌيڪ عرصو برداشت ڪئي هئي. پهرئين جذبي جي تقاضا مهرباني ۽ آرام واري هئي پوئين کيس مجبور ٿي ڪيو ته هو پلي بيماري جي بستري تي ليٽي بہ پنهنجي وڏي ۽ وسيع بادشاهت جي معاملن جون هدايتون جاري ڪندو رهي. تنهنڪري هن فيصلو ڪيو ته هو پنهنجي زندگيءَ جا باقي بچيل ڏينهن عزت ۽ آرام سان گذارينڊ پنهنجي شان شوڪت کي قسمت يا مقدر کان متاهون رکندو ۽ دنيا جي ڪاروبار کي هو پنهنجن نوجوان ۽ وڏيڪ چُست ۽ صحتمند ساٿين جي حوالي ڪندو. [108]

پنهنجي تخت کي خدا حافظ چوڻ جي تقريب جو اهتمام هڪ وڏي ميدان تي ڪيو ويو جيڪو نڪوميديا کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي هو. شهنشاهه هڪ عظيم تخت تي چڙهيو ۽ پنهنجي تقرير ۾ پنهنجي ارادي جو اعلان ڪيائين جنهن ۾ خوبصورت دليل ڏنل هيا ۽ هر لفظ مان سندس وقار نمايان ۽ نروار هو ۽ هن عوام توڙي فوجين کي، جيڪي هن غير معمولي موقعي تي گڏ ٿيا هيا، پنهنجي ارادي کان آگاهه ڪيو. جيئن ٿي هن پنهنجي پاڻ کي تخت ۽ طاقت کان محروم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ته ڪيس حيرت مان ٻَڪَ ٻڏي واجهائيندڙ هجوم کان هُو فورن هٽي ويو ۽ هڪَ ٽانگي نما گاڏيءَ ۾ چڙهي شهر جي ڳهٽين مان گهمندو بنادير جي هو پنهنجي آرام واري جڳهه وٽ وڃي پهتو جيڪا هن پنهنجي ڇمڙ واري ملڪ ڊالمشيا ۾ پنهنجي باقي زندگي گذارڻ لاءِ چُونڊي هئي. ساڳي ڏينهن تي ٿي جيڪا مئي جي پهرين تاريخ هئي، [109] مئڪسيمين، جيئن هنن جي وچ ۾ اڳ ۾ ٿي طئي ٿيل هو، بہ مِلن ۾ پنهنجي شاهي تخت تان دستبرداريءَ جو اعلان ڪيو. روم جي سوين وارن شانائتن ڏينهَن ۾ پي، ڊائڪليشين، گهٽي غور ڪرڻ ڪانپوءِ،

تخت ۽ حڪومت ڇڏڻ جي ارادي جو اظهار ڪيو هو. جيئن ته هن مئڪسيمين جي به فرمانبرداريءَ کي يقيني بنائڻ چاهيو هو ته هن کانئس اها اُميد رکي هئي ته هو يا سختيءَ سان پنهنجي محسن جي حڪمن موجب هلندو يا وري هو پڪو واعدو ۽ وچن ڪندو ته هو به تخت کي تيئن ئي ڇڏي ڏيندو جيئن ئي ڪيس هدايت ملندي يا سندس مثال هنجي آڏو هوندو. هي عهدنامو، تورڙي جو انڪي ڪئپيٽولائين جو پيٽر [110] جي قربانگاهه آڏو تقدس ۽ قسم ذريعي يقيني بنايو ويو هيو. مئڪسيمين جي خطرناڪ طبيعت آڏو اهو هڪ تمام ڪمزور ٻنڌڻ ثابت ٿئي ها جنهن جو مقصد صرف طاقت سان محبت ڪرڻ جو هوندو هو جنهن کي نه ته موجوده امن امان سان دلچسپي هئي ۽ نه وري مستقبل جي شهرت جي ڪيس ڪا پرواهه هئي، پر هُن لاچاري ۽ بي دليءَ سان پنهنجي زياده دوراندیش سائيءَ جي صلاح مجي ۽ تخت کي ڇڏي فورن آرام ۽ آسائش واري زندگي اختيار ڪيائين ۽ لوڪٽنيا ۾ پنهنجي گهر هليو ويو جتي اهو هن لاءِ بلڪل ناممڪن هيو ته اهڙو بيچين روح دائمي سڪون تلاش ڪري آرام سان رهي سگهي.

ڊائڪلشيَن، جنهن هڪ نيچ اصل نسل کان اُپري ترقي ڪري وڃي شاهي منصب ماڻيو هو، پنهنجي زندگي جا آخري نؤ سال ذاتي حيثيت ۾ گذاريا هيا. تخت کي ڇڏي ڏيڻ ۾ سندس ذهن جو حڪم هليو هو جنهن سان سندس دلي رضامندي به شامل هئي، ۽ هن پنهنجي ڇمار جا باقي رهيل سالَ سڪون ۽ عزت سان گذاريا ڇو جو اُهي شهنشاهه کيس وڏي احترام جي نظر سان ڏسندا هيا جن کي هو دنيا جو وڏي ۾ وڏو تخت حوالي ڪري آيو هو. [111] اهو شايد ئي ڪڏهن ٿيندو هجي ته اُهي دماغ يا اُهي ماڻهو جيڪي زندگي ۾ ايترا مصروف رهيا هجن، اُهي پنهنجي ذات سان پاڻ به گفتگو ڪري سگهندا هجن ۽ جڏهن ڪائن طاقت يا اقتدار هليو وڃي ته پوءِ اُهي اُنَ وَتَ وڃائڻ تي گهٽو ڪري افسوس جو اظهار ڪندا آهن. دوستن جا خطَ ۽ اُنهن جي ساٿس عقيدت جو اظهار، اڪلائيءَ ۾ گهٽو ڪري وِندر وِرونَهن مهيا ڪندڙ هوندا آهن پر اُنهن جي ڇڻ ڊائڪليشين کي نه ته ڪمي ۽ نه وري ضرورت محسوس ٿي: پر طاقت جي خُمار کي ترڪ ڪري، فطرت جي معصوم منظرن ۽ خوشين ڏانهن هن پنهنجي طبيعت کي مائل ڪري ڇڏيو هو جنهن ۾ کيس سرور، سڪون ملندو هو ۽ پنهنجي فرصت جي گهڙين ۾ هو عمارتون اُڏڻ، گُل ٻوٽا لڳائڻ ۽ باغباني ڪرڻ ۾ مصروف گذاريندو هو. مئڪسيميَن کي سندس ڏنل جواب مان ماڻهو ڪافي محفوظ ٿيا هيا. هن کي پنهنجي پراڻي سائي ٻيهر شاهي اختيار حاصل ڪرڻ ۽ حڪومت جون واڳون سنڀالڻ جي صلاح ڏني هئي. هن سندس هرڪائيندڙ تجويز کي طنز واري مُرڪ سان رَد ڪندي نرميءَ منجهان کيس وراڻيو هو ته: " جيڪڏهن هو مئڪسيمين کي اُهي ٻاڇيون ڏيڪاري جيڪي هن پنهنجن هٿن سان پاڻ سلونا ۾ پوکيون هيون ته پوءِ هو کيس ڪڏهن به مجبور نه ڪندو ته اهڙي فطري خوشيءَ جي زندگي کي ڇڏي هو وري مصنوعي طاقت کي حاصل ڪري" [112] پنهنجي دوستن جي ڪچهريءَ ۾ هو اڪثر ڪري ڇوَندو رهندو هو ۽ اها ڳالهه دل سان مڃندو هو ته سيني هنرن يا ڪمن کان وڌيڪ ڏکيو ڪم حڪومت ڪرڻ جو آهي ۽ هن دلچسپ موضوع تي هو ڪليل طريقي ۽ دل جي اندر وارن جذبن مان روشني وجهندو هو جيڪو سندس وڏي ۽ وسيع تجربي جو نتيجو لڳندو هو. هو اڪثر ڪري ماڻهن سان پنهنجي اندر جي اُڌمن جو اظهار ڪندي چوندو هو: " ڪيترائي دفعا چار يا پنج وزير سازش ڪري پاڻ ۾ ملي ويندا هيا ۽ پنهنجي ئي شهنشاهه يا حڪمران کي دوکو ڏيندا هيا! وڏي مرتبي ۽ شان جي ڏيڪ سبب شهنشاهه انسانذات کان ڪٽيل هوندو هو تنهنڪري سچ واريون

حقيقتون يا تہ ان تائين پهچندين ٿي کين هيون يا وري اُنهن کي شهنشاهه کان لِکايو ويندو هو. کيس عوام جي نظرن سان ئي سپ ڪجهہ ڏسڻو پوندو هو ۽ جيڪو ڪجهہ هو کانئن ٻڌندو هو تہ اُهو سراسر ڪوڙ ۽ دوکي کانسواءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو هو. هو وڏا اهر ڪر ۽ عهدا رعيت جي ڪمزور ۽ خراب ماڻهن جي حوالي ڪندو هو پر اُنهن جي اٽلو بيعزتي ڪندو هو جيڪي بااخلاق ۽ اهليت وارا هوندا هيا. اهڙن ناپسنديده ڪمن جي ڪري، ڊائڪليشين چيو: " بهترين ۽ وڏا عقلمند بادشاهہ بہ پنهنجن خوشامدي درٻارين وٽ پٺسن ۽ رشوت جي هيرا ڦيري ذريعي وڪامجي وڃن ٿا." [113] عظمت جو صحيح ۽ جائز اندازو ۽ لازوال شهرت جو يقين، اسان کي، رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ گوشہ نشيني جي زندگي گذارڻ بابت لطف اندوز تہ ڪن ٿا پر روم جو هي پهريون ۽ اڪيلو بادشاهہ هو جنهن هن دنيا ۾ اُهو ڪردار ادا ڪيو هو جنهن جو مثال اڳ موجود ڪو نہ هو ۽ پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي ماڻ ميڙ ۾ فطري خوشين ملڻ سان هو خوش ۽ مطمئن هيو ۽ اُنهن اڪيلائيءَ ۽ فرصت لمحن جي کي ملهائي رهيو هو. اهو ناممڪن هو تہ هُو اُنهن ڏکن ۽ تڪليفن کان بيخبر رهي جيڪي هنجي تخت چڙڻ ڪانپوءِ سندس شهنشاهت کي، پريشان ڪري رهيون هيون. اهو بہ ناممڪن هو تہ اُنهن جي نتيجن کان هُو بلڪل ئي لاتعلق ٿي وڃي. سلونا جي اڪيلائيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن خوف خطرا، ڏکَ ۽ بي اطميناني سندس وجود کي وکوڙي ويندي هئي. اِسان وٽ، هڪ خبر، جيڪا ڪجهہ شَڪَ واري ٿي لڳي، اها بہ پهتي آهي تہ انهن خوف خطرن کان پري ٿيڻ لاءِ هن پاڻ ڇاڻي واڻي موت کي قبوليو هو. [114]

ڊائڪليشين جي زندگي ۽ سندس ڪردار جي قصي ختر ڪرڻ کان اڳ، اچو تہ ان هنڌ جو بہ مختصر جائزو وٺون جتي هو تخت چڙڻ کان پوءِ اچي رهيو هو. سَلونا جيڪو ڊالمٽيا صوبي جو مکيہ شهر هو، عقيلہ ۽ اٽلي جي سرحدن کان اٽڪل بہ سؤ رومي ميل (شاهي رستن جي ماپَ موجب) ۽ سرميَر کان بہ سؤ ستر ميل پري هو جتي گهٽو ڪري شهنشاهہ تڏهن وڃي رهائش اختيار ڪندا هيا جڏهن هو اِليرين سرحد جو چڪر لڳائڻ ويندا هيا. [115] هڪ برباد ٽيل ڳوٺ ايڏا بہ سلونا جي نالي ۾ آهي پر سورهين صدي تائين هڪ ٽيٻر جا آثارَ ۽ پَڳل ٽُٽل محرابن ۽ پٽرن جا ڪجهہ اڌ ڇڙا نشانَ اُنهن شهرن جي قديمي شان شوڪت جي شاهدي ڏين ٿا. [116] شهر کان ڇهہ - ست ميل پري، ڊائڪليشين هڪ عاليشان محلات تعمير ڪرايو هو ۽ اسان ان ڪمال جي ڪاريگري واري ڪر مان آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ هن شهنشاهت کي چڙڻ جي فيصلي ڪرڻ ۾ ڪيترو نہ گهٽو سوچيو هوندو. ان هنڌ جي چونڊ، جيڪو صحت قائم رکڻ ۽ عيش آرام پهچائڻ جو ذريعو هو، لاءِ ڪنهن مقامي ماڻهو جي هڪ طرفي پسند جي ضرورت ڪانہ هئي. " زمين خشڪ ۽ آباد، آبهوا صاف ۽ صحتمند آهي ۽ تورڙي جو اونهاري ۾ سخت گرمي هوندي آهي، پر پوءِ بہ هن ملڪ ۾ اهڙيون لِڳ ساڙيندڙ ۽ زهريليون هوائون نہ گهلنديون آهن جهڙيون اِسٽريا جي ڪنارن تي يا اٽلي جي ڪجهہ علاقن ۾ لڳنديون آهن. محلات کان جيڪي نظارا آهن اُهي بہ سرسبز زمين ۽ وٽندڙ آبهوا کان گهٽ خوبصورت نہ آهن. اولهہ طرف هڪ آباد سامونڊي ڪنارو آهي جيڪو هئبرئنڪ تائين ڦهليل آهي جنهن ۾ ننڍا ننڍا ٻيٽ اهري طرح ٽڙيل پکڙيل نظر اچن ٿا جو سمنڊ جو هي ٽڪرو هڪ وڏي ڍنڍَ جو ڏيک ڏئي ٿو. اتر طرف هڪ اُپسمنڊ آهي جيڪو قديمي شهر سلونا سان ٿو وڃي ملي ۽ ان کان پرتي وارو خطو، جيڪو نظر اچي ٿو، هئبرئنڪ جي پاڻيءَ جي هڪ وڏي ڦهلاءَ سان تضاد ذريعي بيحد سُونهَن پيدا ڪري ٿو جيڪو ٻنهي طرفن يعني ڏکڻ تورڙي اوير کي پنهنجو

نظارو پسائي تو. اتر طرف اهو نظارو وڏن ۽ بيقاعدي جبلن جي وچ ۾ اچڻ سبب ڪنجي وجي تو. اهي جبل هڪ ٻئي کان ٿوري ٿوري مفاصلي تي آهن ۽ ڪيترين ئي جڳهن تي ننڍن ٻوٽن، جهنگلن ۽ انگورن جي باغن سان وکوڙيل رهندا آهن."[117]

جيتوڻيڪ کانسٽنٽائن، هڪ خاص تعصب وچان، ڊائڪليشين جي محلات جو ذڪر نفرت مان ڪري تو،[118] ان جي باوجود سندس هڪڙو جانشين، جنهن ان کي تباهه حال وجي ڏٺو هو، ان جي شان شوڪت جي وڏي تعريف ۽ ساراهه تو ڪري.[119] اهو محل نوَن کان ڏهن انگريزي ايڪڙن تائين پکڙيل هو. ان جي تعمير چوڻس لڳ ڀڳ هڪ جيتري هئي جنهن ۾ سورنهن منارا پنهنجي خوبصورتي پيش ڪري رهيا هيا جيڪي هن طرفن کان ڇهه سوَ ۽ ٻيا ٻه طرف ست سوَ فوٽ ڊگها هيا. سڄو محل هڪ خوبصورت ۽ اهڙي پٽ مان ٺاهيو ويو هو جو پتين کي ٽُنڊ يا ڏاڙن پوڻ جو ڪو خطرو ڪو نه هو، ۽ اهو پٽ پاڙي جي ترائو يا تراگوٽيَم (Trau or Tragutium) جي پٽرن جي ڪاٽيَن مان ڪوٽي آندو ويو هو ۽ ماربل جي معيار کان ڪجهه ٿوروئي گهٽ هيو. ڪُنيا مطابق ٿهيل چٽن ڳهٽين هڪ ٻئي کي وچ مان ڪٽيو ٿي ته سڄي عظيم عمارت ڪيترن ئي حصن ۾ ورهائجي ٿي وئي؛ ۽ جيڪو محل جو مکيه حصو هو، ان تائين وڃڻ جو هڪ شاهي ۽ ڪشادو لنگهه هو جنهن کي ايا تائين " سونو دروازو" (Golden Gate) ڪوٺيو ويندو آهي. چوڻس ٿنين * سبب، جيڪي گرٽنائيٽ جي اوچن پٽرن مان ٿهيل آهن، لنگهه ڪنجي تو وجي. هڪ طرف کان اسانکي ايسڪيولٽيَس جو چوڻس مندر نظر تو اچي ۽ ٻي طرف کان جوپيٽر ديوتا جو اَٺ - ڪنڊو مندر ٿهيل آهي. ڊائڪليشيَن، پوئين کي پنهنجي بخت ۽ قسمت جي نگهبانَ، ۽ پهرئين کي سندس صحت جي محافظ طور پوڄيندو هو. موجوده آثارن جي وٽرو ويَس + جي فرمانن سان پيٽ ڪندي، عمارت جا ڪيترائي حصا، غسلخانا، آرام ڪرڻ جو ڪمرو، داخل ٿيڻ وارو هالَ، ++ گرجا 00 راند روند ڪرڻ جي خوبصورت جڳهه ۽ مصري طرز جا ڪشادا هالَ تمام سهڻي نموني بيان ٿيل آهن يا گهٽ ۾ گهٽ اُنهن جي هجڻ بابت تذڪرو ضرور ڪيل آهي. اُنهن جي تعمير جا مختلف نمونا هيا، ۽ جنهن انداز سان ٺاهيا ويا هيا تہ اُهي ٻه مناسب ٿي لڳا پر اُنهن سيني ۾ ٻه نقص ضرور هيا: تہ اُنهن ۾ موجوده دوَر جو نازڪ پڻو ۽ سهولتن جي گهٽي گهٽتائي هئي. انهن شاهي ڪمرن ۾ نہ تہ دريون هيون ۽ نہ وري ڏُونهين جي نيڪال جا ڪي روشندان هيا. اُنهن کي مٽان کان روشن ڪيو ويندو هو (پر تہ عمارتون هڪ منزل کان مٿي نہ ٿهنديون هيون) ۽ اُنهن کي پائيپن ذريعي گرم ڪيو ويندو هو جيڪي ديوارن سان ملائي لڳايا ويندا هيا. مکيه ڪمرن ۽ هالن کي هڪ وراندي ذريعي خوبصورت ۽ محفوظ بنايو ويندو هو ۽ اُهو ڏکڻ - اولهه طرف کان ٺاهيو ويندو هو جيڪو پنج سوَ سترهن فوٽ ڊگهو هوندو هو ۽ جڏهن اُنهيءَ کي خوبصورت تصويرن ۽ نقش نگارن سان سينگاريو ۽ سنواريو ويندو هوندو تہ ايڏو وڏو وراندو هڪ تفريح ڏيندڙ گهمڻ ڦرڻ جي جڳهه ۾ تبديل ٿي ويو هوندو.

جيڪڏهن اهڙي عظيم الشان عمارت ڪنهن اڪيلي ملڪ ۾ هجي تہ اُها وقت جي بربادي جي ورتہ چڙهي وڃي ها پر ان جي باوجود اُها شايد انسان جي حرص ۽ هوَس جي صنعت گريءَ کان محفوظ رهي ها. اسفالاٽس[120] جو ٻوٽ ۽ ان کان گهٽو پوءِ اسپالاٽرو جو صوبائي شهر تباهيءَ کان بچي ويا آهن. سونو دروازو هاڻي ٻه مارڪيٽ طرف کلي تو. سينيٽ جان پادري طرفان ايسڪيولٽيَس جي وقار کي ختر ڪيو ويو آهي ۽ جوپيٽر جي مندر کي، جيڪو

مذهبي ڪنواري عورت جي نگهباني‌ء ۾ هو. گرجا گهر بنايو ويو آهي. ڊائڪليشيَن جي محلات جي تفصيلن ٻڌائڻ جي سلسلي ۾ اسان هڪ ڏهين تخليقڪار جا تورائتا آهيون جيڪو اسان جي زماني ۽ ملڪ جو آهي ۽ جنهن کي سندس ذاتي ذوق شوق ۽ جستجو ڊالمٽيا جي وچ ۾ ۽ آس پاس وڃي وئي هئي. [121] پر پوء به شڪ ڪرڻ جي گنجائش ايا به موجود آهي جو جيڪي ڏزائنون ۽ نقش مليا آهن اُنهن جي شان ۽ عظمت کي ان کان گهٽو وڌايو ويو آهي جيڪا اُنهن جي اصليت ۽ حقيقت هئي. اسان کي ايا به هاٿوڪي ۽ مستند سياح معلومات ڏني آهي ته اسپالاٽرو شهر جي عبرتناڪ تباهي‌ء جو داستان به اوترو ئي نمايان آهي جيتري روم جي شهنشاهت جي عظمت ڊائڪليشيَن جي دؤر ۾ هئي. [122] جيڪڏهن تعمير جي فن جي اها حالت هئي ته پوء اسان کي اها ڄاڻڻ ضرور مڃڻي پوندي ته تصويرن يا نقش نگاري‌ء جو فن ته ايا وڌيڪ تباهي‌ء طرف وِکون وڌائي چڪو هو. تعمير جو فن ڪجهه عام طرح جي ته ڪجهه مشيني اصولن جي مطابق اڳتي وڌندو آهي، پر نقش نگاري ۽ سڀ کان وڌيڪ تصويرون ته نه رڳو قدرتي منظرن جي خوبصورتي‌ء کي پاڻ ۾ سمائيندڙ آهن پر انساني فطرت، ڪردارن ۽ جذبن جون به ترجمان هونديون آهن. اهڙين لاجواب فني تخليقن ۾ هڪ جي تيزي‌ء جو ايترو ڪمال نه هوندو آهي جيترو تصور ۽ تخيل جو هوندو آهي جنهن جي رهبري ورِي تخليق ۽ مشاهدو گڏجي ڪندا آهن.

اهو مشاهدو بيان ڪرڻ ذري گهڻ غير ضروري ٿو لڳي ته شهنشاهت ۾ شهرين طرفان کي مسئلا منجهائيندڙ هيا، فوجين جي چڙواڳي، بربرن طرفان ڪاهون ۽ حملا ۽ آمريت جي ترقي - اهي سيئي مسئلا ذهن جي واڌاري ۽ ڄاڻ کي اڳتي وڌائڻ ۾ وڏي رُڪاوٽ جو سبب هئا. اِليريا جي بادشاهن جي سلسلي بادشاهت کي ته واپس آندو هو پر پاڻ سان گڏ سائنس نه کڻي آيا هيا، سندن فوجي تعليم کين علم، ڄاڻ ۽ ادب جي صنفن طرف مائل ڪري نه سگهي هئي، ان حدتائين جو ڊائڪليشيَن خود پي، توڙي جو پنهنجي نوعيت جي ڪمن ۾ تمام تيز هو پر پڙهڻ لکڻ ۽ علمي ڄاڻ کان ڪورو هو. قانون ۽ صحت جا شعبا وري اهڙا ته عام استعمال جا آهن جو هر ماڻهو پنهنجي فائدي لاء به اُنهن ۾ دلچسپي وٺي ٿو ۽ انهن شعبن ۾ ڪيترائي ماڻهو پنهنجي پنهنجي لياقت، قابليت ۽ ڄاڻ مطابق رُڌل رهن ٿا، پر پوء به اهو نظر ڪٽي به نه ٿو اچي ته هنن ٻن شعبن جي شاگردن کا وڏي تعليم حاصل ڪئي هجي يا ان دؤر ۾ ڪو پنهنجو مقام يا نالو ڪڍيو هجي. شاعري‌ء جو آواز خاموش هو. تاريخ هڪ خشڪ موضوع سمجهيو ويندو هو جنهن کي مختصر ڪري لکيو ويندو هو، بلڪل اهڙي‌ء طرح جيئن ڪنهن لاوارث وِندَر يا هدايتن جاري ڪرڻ جا فضول نقطا هجن. سُست ۽ مصنوعي قسم جي تقرير جي ماهرن کي بادشاهن طرفان پگهارون ڏئي کين پنهنجي پذيرائي ڪرڻ لاء رکيو ويندو هو ۽ هي فن ئي هڪ اهڙو هو جنهن کي فقط انڪري همٿايو ويندو هو ته شهنشاهن جي طاقت جا ڳُڻ ڳائجن ۽ اُنهن جي ڪوندي ۽ وڏائي‌ء جو ڪجهه ڏيڪ ۽ نماءُ جاري رهڻ گهرجي. [123]

علم ۽ خود انسانذات جي زوال جي دؤر جو خال، بهرحال افلاطون جي شاگردن ۽ پوٽلڳن جي اُپرڻ ۽ سندن تيزي‌ء سان ترقي ڪرڻ سبب پرجي ويو آهي. اليگزنڊريا جا اسڪول، جنڪي يونان وارن خاموش ڪرايو هو، ۽ مختلف فرقن پاڻ کي جديد استادن وٽ داخل ڪرايو جن پنهنجي انوکي سرشتي جو تعارف ڪرايو ۽ الٽي ويهٽي ۽ دنيا جي بين طور طريقن ۾ قناعت پسندي ۽ سادگي‌ء اختيار ڪرڻ جو سبق ڏنو. ڪيترائي سندن استاد اَمونيَس، پلوٽينَس،

اميليَس ۽ پورفائري، [124] وڏا ڏاها ۽ بيحد داناءَ هئا: پر فلسفي جي غلط تعبير ۽ تشريح کرڻ سبب، سندن پڙهائين ۽ محنتن، معاشري ۾ بهتريءَ جي بجاءِ ويتر ابتري آندي ۽ انسانذات جي سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيتن کي به ويتر بگاڙي ڇڏيو. اُهو علم يا ڄاڻ جيڪا اسانجي گهُرجن ۽ حالتن مطابق هجي، ۽ اخلاقي، فطري ۽ حسابن جي علمن جي سڃي اپياس کرڻ ۽ ان تي زور ڏيڻ بجاءِ، نوَن افلاطونين انهن علمن کي پاسيرو رکي ڇڏيو جڏهن ته هنن پنهنجي سموري ذهني زور آرمائي زباني بحثن ۽ جهيڙن جهڳڙن ۾ وڃائي ڇڏي ته مابعدالطبيعات (Metaphysics) ڇا هي ۽ ساڳي وقت مخفي يا ڳجهي دنيا (Invisible World) جي رازن کي ڄاڻڻ ۾ پنهنجو وقت ويهي وڃايو ۽ ساڳي وقت ارسطو ۽ افلاطون کي اُنهن موضوعن ۽ علمن بابت وڃي پاڻ ۾ ملايائون جن بابت اهي هٿي فيلسوف به هي سڃي انسانذات وانگر پاڻ به اوترائي بيخبر هيا. اُنهن پنهنجا دليل تمام ڳُنيير ۽ ڳُوڙهن ۾ زندگي جي حقيقتن کان پريَرن موضوعن تي ضايع ڪيا تنهنڪري اُنهن جا ذهن تصوراتي دوکن جي غوراب ۾ گر ٿي ٻڏي ويا. اُنهن پنهنجي پاڻ کي اهو ڇٽي خوش ٿي رکيو ته ان رازَ جي فقط کين ئي خبر هئي ته ڪيئن نه روح انساني جسم جي قيد کان آزاد ٿي وڃي ٿو ۽ اها به دعويٰ ڪندا هيا ته هو جِنن پُوتن ۽ ديوَن پَرين سان ڳالهائيندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح هنن آهستي آهستي فلسفي جي تعليم کي اهڙن ڪرتبن ذريعي جادوءَ سان وڃي ملايو. قديمي صوفين يا درويشن وهمن وسوسن جي شهرت تي طنزون ڪيون هيون ۽ اُنهن کي اجايو ۽ فضول سمجهيو هو: پر ان جي اجائي هجڻ کي لِکائيندي ۽ ٿوري فرق سان وسوسن جون تشبيهون متائيندي، پلوٽينَس ۽ پورفائري جا مريد ۽ پوئلڳ، انهن جا جوشيلا اڳواڻ ۽ شيدائي بڻجي ويا. جيئن ته اُنهن مذهب جي سلسلي ۾ ڪجهه مخفي نقطن تي عيسائين سان اتفاق ڪيو هو، پر اُنهن جي هي سڃي ديني سرشتي تي جنگ جي جوش وانگر ڇڻ هنن حملو ڪيو هو. نوَن افلاطونين جو سائنسي تاريخ ۾ يقيني طور تي ڪو به مقام ڪونهي، پر ڪليسايا ڳِرجا ۾ اُنهن جو گهڻو ذڪر ايندو رهندو.

باب - تيرهون
حاشين بابت وضاحتون.

1. يوٽراپ (ix, 19) اختصار ۾ وڪٽر، شهر جو نالو إليريا جي هڪ ننڍي قبيلي پٺيان ڏوسليا رکيل تو ڏسجي (ڏسو سلٹريس جي جاگرافي ۽ قديمي مواد (i,393) پاڳواري غلام جو اصلي نالو ڏوسلس هو: هن پهريون معاملي کي خواه مخواه إنگهائي ڏائوکلس جي گرٹشيٽن هڪ جهڙائي يا هر آهنگيءَ سان ان کي لاڳو ڪيو: ۽ آخر ۾ ڏايوڪليٽيئس جي رومي عظمت سان ڪيس منسلڪ ڪري ڇڏيو. ساڳي وقت هن وٽلريس جهڙي اميراڻي نالي کي پنهنجي لاءِ چونديو ۽ اهو گهٽو ڪري آريليس وڪٽر ڪيس عطا ڪيو هو.

2. ڊئسيئر کي، هورئس، کارنيل ۽ نيپوس جي هي ڪتاب جي ڇهين طنز ۾ ڏسو. (وِٽ، يومين باب - I ۾)

3. لئڪٽنٽيس (يا جيڪو به مضمونَ: 'ڊاڪٽر مورٽيبس پرزيڪيو تورم جو ليڪڪ هيو) ڏائڪليشين کي بن جڳهن تي سندس بزدليءَ تي ٽوڪي ٿو. يعني باب - 7-8 ۽ باب - 9 ۾ هُن هن لاءِ هينئن ٿو چوي: " هر اوچتي موقعي اچڻ تي هو ڊڄي به ويندو هو ۽ اهڙي نازڪ موقعي تي هو ڪو فيصلو به نه ڪري سگهندو هو."

4. هن مدح سرائيءَ ۾، آريليس وڪٽر، ڪانسٽنٽيس جي ظلمن کي، جائز طور تي، پر اڃ ٻڌي طرح نِندي ٿو. فاسٽي جي تحرير مان ائين ٿو معلوم ٿئي ته آرسٽوبيولس شهر جو مُنهندار رهيو هو ۽ هن ڏائڪليشين سان گڏ ڪائونسل وارو عهدو ڇڏيو جنهن جي شروعات هن ڪٹريئس سان گڏجي ڪئي هئي.

* (مارڪس آريليس)

5. آريليس وڪٽر ڏائڪليشيئن لاءِ لکي ٿو: " هو مالڪ جي بجاءِ پيءُ وڌيڪ لڳندو هو."

6. ان سوال ته، جڏهن مئڪسيمين کي سيزر ۽ آگسٽس جا لقب مليا، جديد نقادن کي پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيو آهي ۽ جنهن علمي تضادن ۽ جهگڙن کي جنم ڏنو آهي، آئون بهرحال ايم - ڊي ٽليمانٽ سان متفق آهيان. (شهنشاهن جي تاريخ (iv, 500, 5) جنهن پنهنجي صحيح ۽ درست تجزيي سان ڪيترائي سبب ۽ دليل لکيا آهن ۽ هن سلسلي ۾ جيڪي تڪليفون ڪيس پيش آيون اُنهن جو به هن ذڪر ڪيو آهي.

7. هن جي اڳيان پنهنجي ڪيل تقرير ۾ (مدح سرائي - ii,8) مئمرٽينس پنهنجي شڪ جو اظهار ٿو ڪري ته سندس سورمي، هٹيبل ۽ اسڪيپيو جي ڪردار جي ڪاپي ڪندي، ڪڏهن اُنهن جو نالو هن ٻڌو به هيو يا نه: هن مان اسان اهو به سمجهي سگهون ٿا ته مئڪسيمين جي اها خواهش هئي ته هڪ پڙهيل لکيل ماڻهوءَ جي بجاءِ ڪيس هڪ سپاهي سڏيو وڃي ۽ انڪري ئي اسان اڪثر ڪري خوشامد جي ٻولي کي سچ جي زبان ڏئي ڇڏيندا آهيون.

8. لئڪٽنٽيس، ڊي - ايم - پي (باب - 8) آريليس وڪٽر. ڪجهه مدح سراين ۾، اسان کي ڪيترين تقريرون مئڪسيمين ۽ ٻين جي تعريف ۾ مليون آهن جن ۾ سندس دشمنن جون تعريفون به ڪيون ويون آهن. اسان کي هن قسم جي تضاد مان ڪجهه معلومات به ملي آهي.

9. ڏسو هي ۽ ٻين مدح سرائي، خاص طرح (iii,3,10,14) پر ان ۾ ڊيگهه ٿي ويندي جيڪڏهن انهن کي نقل ڪري کوڙين ۽ منافقيءَ وارين ڳالهين کي وري ورجايو وڃي ۽ فضول لفاظيءَ کي ڦهلائي عام ڪيو وڃي. جيتري قدر

خطابن جو تعلق آهي ته آريليس وکٽر، لئڪٽنٽيس (ي، ايم - پي (باب - 52) اسپانيم جي مضمون (xii,8) جو مطالعو ڪيو.

10. آريليس وکٽر وکٽر کي ڏسو اختصار ۾ (ix, 227) لئڪٽنٽ، (ي، ايم - پي (باب - 8) هيروئين کي تاريخوار واقعن ۾ ڏسو.

11. اهو لقب جديد يونانين ۾ آهي جتي ٽليمانٽ ڪلوڙس جو لقب ڳولي ڪڍيو. رنگ جي ڪيتري به پيلاڻ، "ريوبر" سان مطابقت نٿي رکي، جيئن انکي مدح سرائي (v,19) ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

12. ڪانسٽنٽيس جو پوٽو جولين وڏي فخر مان دعويٰ ڪري ٿو ته سندس ڪٽنب ميسيئن جي ويڙهاڪ خاندان سان لاڳاپيل آهي. (مسوپوگن - ص - 348) ڊارڊنيئس ڏکڻ ميسيا جي پرياسي رهندا هئا.

13. گئلريس جي شادي، ڊائڪليشين جي ڏيءُ وئليريا سان ٿي هئي؛ پر جي اسان کجهه سختيءَ سان ڳالهه بيان ڪريون ته ڪانسٽنٽيس جي زال ٿيودورا، مئڪسيمين جي زال جي اڪيلي ڏيءُ هئي. (اسپانيم جو مضمون - xi, 2)

14. هي ورهاڳو جئن صوبن سان پيڄي اچي ٿو، ان جي باوجود به شڪ ڪرڻ جي گنجائش آهي ته اسپين مئڪسيمين جو صوبو نه هو. (ڏسو ٽليمانٽ - iv,517).

15. سزئريئس ۾ جولين، (ص - 315) اسپانيم جون تحريرون فرانسيسي ترجمي لاءِ. (ص - 122).

16. باگادي جو عام نالو (فساد ۽ فتني جي حوالي سان) گال ۾ پنجين صدي تائين قائم رهيو. ڪيترن نقادن اهو نالو ڪلٽي لفظ تان ورتو آهي: "باگاد" يعني هڪ گوڙ گهمسان واري اسيمبلي.

17. سندس ڪهاڻيءَ جي سادگي ۽ اصليت اسانجن جديد ليکڪن ۾ وڃائجي چڪي آهي.

18. ڏسو سيزر، ڊي بيل گالڪ. (vi,13) اورجيٽورکس هيلويشين پنهنجي حفاظت لاءِ ڏهه هزار غلامن کي مسلح ڪري ٿي سگهيو.

19. سندن اَڏيتون ۽ سخت بدحاليءَ کي يومينيئس مجيو آهي (مدح سرائي - vi,8) ته: " گال صفا جڻ ڇتو ٿي پيو هو جو هن تمام گهٽي سزا پوڳي هئي."

20. ڏسو آريليس وکٽر جي مدح سرائي (ويٽ ii,4).

21. آلپينس ۽ امئنڊس. اسان کانئن تمغا ٺهرايا آهن. (ديس ۾ گولزيس)

22. " لٽح جلد حاصل ٿي وئي." پوتراپ (ix,20)

23. حقيقت جو دارو مدار تمام مختصر حوالي يا اختيار تي آهي، جيڪو سينيٽ ٻئبرليئس جي زندگي جي باري ۾ آهي جيڪو ستين صديءَ جو آهي. (اَسو ڏچين = تحريرون = j,662).

24. آريليس وکٽر گين جرمن ٿو ڪوئي، يوٽروپيئس (ix, 21) گين سڪسنس جو نالو ٿو ڏئي، پر يوٽروپيس ايندڙ صديءَ تائين زنده رهيو هو ته ان مان لڳي ٿو ته هن پنهنجي وقت جي زبان استعمال ڪئي هوندي.

25. يوٽروپيئس، آريليس وکٽر ۽ يومينيئس طرفان ٿن تسمن جو اظهار: (سندس جمر نيچ تسمر جو هو، ٻناويا جو رهاڪو هو ۽ ميناپيا جو شهري هو) انڙو اظهار اسانکي ڪئراسيئس جي جمر بابت مشڪوڪ ۽ اڻپوري ڄاڻ ڏئي ٿو.

إستڪلي بهرحال (ڪئراسيس جي تاريخ - ص - 62) ڪيس سينيٽ (ڀٽ) جو رهاڪو ۽ برطانيہ جي شاهي نسل جو شهزادو ڪري پيش ٿو ڪري. اڄڪلهه تصور هن سريسيسٽر جي رچرڊ مان ورتو آهي. (ص-44)

26. مدح سرائي (v,12) هن دؤر ۾ برطانيہ محفوظ هو ۽ ان جي محتاط طريقي سان حفاظت ڪئي ويندي هئي.

27. مدح سرائي (ويٽ - (v.II, viii,9) تقرير جي ماهر يومينيس، پنهنجي سرمي (ڪانسٽنٽيس) جي شان کي فتح جي اهميت بابت تعريفي جملن ۾ مٿاهون ڪرڻ ٿي چاهيو. پر پنهنجي ملڪ بابت اسانجي تعريف لائق هڪ طرفي رويي رکڻ جي باوجود، اهو سمجهڻ مشڪل ٿو لڳي ته چوٽين صدي جي شروعات ۾ انگلنڊ ايتري تعريف جو حقدار هيو. ان کان ڏيڍ صدي اڳ ۾ سندس حالت اها هئي جو پنهنجي ملڪ جو انتظام هلائڻ وارن کي ڏيڍ لاءِ به وٽس پٺسا ڪو نه هئا. (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو اٺين کي تعارف ۾)

28. جيئن ته ڪئراسيس جا ڪيترائي تمغا اڄا تائين محفوظ ۽ سلامت آهن ته هو آثار شناسن لاءِ هڪ وڏي ۽ تجسس واري دلچسپيءَ جو موضوع بنجي ويو آهي ۽ سندس زندگيءَ جي هر موضوع ۽ عمل تي وڏي دانائيءَ سان تحقيق ڪئي وئي آهي. ڊاڪٽر إستڪلي، خاص طرح سان برطانيہ جي بادشاهه لاءِ هڪ ذخيرہ باب لکي ان کي اريبو آهي. مون سندس مواد کي استعمال ڪيو آهي ۽ سندس ڪيترن ئي تصوراتي اندازن ۽ فرضي ڳالهين کي رد ڪيو آهي.

29. جڏهن ميمرٽينس پنهنجي پهرين مدح سرائي پيش ڪئي ته ان وقت مئڪسيميَن جون ساموندي تياريون مڪمل ٿي چُڪيون هيون ۽ تقرير جي ماهر پنهنجن لفظن ۾ يقيني سوبَ جي پيشنگوئي ڪري ڇڏي. پر هي مدح سرائيءَ ۾ سندس خاموشي ان ڳالهه جو ڪُليو ثبوت آهي ته جنگي مُهر ڪاميابي هرگز نه ماڻي هئي.

30. آريليَس وکٽر، يوٽروپيَس ۽ تمغا اسانکي عارضي صلح بابت ڪجهه معلومات ڏين ٿا. توڙي جو آئون ڊاڪٽر استڪلي وانگر ائين نه ڪندس ته صلح نامي جون ساڳيون ڳالهيون يا شِقّ ٻيهر ان ۾ داخل ڪريان.

31. برطانيہ جي اقتصادي بهتريءَ بابت، اسان کي ڪجهه اشارا آريليس وکٽر ۽ يوٽروپيَس کان مليا آهن.

* (سرحد)

32. قديمي آثارن جي تذڪري ۾ ڏسو جان مَلالا کي. (i, 408, 409)

33. زوسِمَس (i,3) هڪ طرفو ذهن رکندڙ تاريخدان، لڳي ٿو ته ڊائڪليشين جي خبرداريءَ کي ان خيال کان ساراهي ٿو ته جيئن ڪانسٽنٽائن جي غفلت کي نِندي سگهي: اڃو ته اسان هڪ مقرر کي هٽون ته ٻيا ٿو چوي: "آءٌ پيادل يا گهوڙيسوار فوج جي ڪشپن کي جو ڳڻيان جن کي وري نئين سر وڏي ديگهه ۾ رائين، دنيوب ۽ فرات جي ڪنارن سان ڳڏوڳڏ تعمير ڪيو ويو آهي!"

34. مدح سرائي، (ويٽ iii, 16) "جيڪي به غير رومي ماڻهو آهن سي هڪ ٻئي کي قتل ڪرڻ جي شغل ۾ رڌل آهن ۽ پنهنجي هنيلي ۽ خطرناڪ فطرت سبب عذابَ پوڳي رهيا آهن." مئمرٽينَس هن حقيقت کي سڄي دنيا جي قومن جي مثالن ذريعي واضح ڪري ٿو.

35. هن پوري سچ سان شڪايت نه ڪئي: "ته هن پندرهن سال اليريڪم ۾، بربرن خلاف دنيوب جي سرحدن جي حفاظت ڪندي گذاريا هيا." لئڪٽنٽيَس (ي = ايم = پي، (باب = 18)

36. يوسيبيئس جي يوناني متن ۾ اسان ڇهه هزار پڙهيو آهي. هي اهڙو تعداد آهي جنهن کي مون سڀ هزار جي تعداد تي ترجيح ڏني آهي جيڪو جيروم اوروسيئس، يوٽروپيئس ۽ سندس يوناني مترجم پينيئس طرفان بيان ڪيو ويو آهي.

37. مدح سرائي (ويٽ vii,21)

38. ٽريوز جي پرپاسي سرمائينس جا گهر گهاٽ تعمير ڪيا ويا هيا جن کي ڪاهل بربرن شايد ڇڏي ڏنو هو. اوسونيئس اُنهن بابت شاعريءَ ۾ ڪجهه ٻڌائي ٿو: " بيابانن جي جهنگلن مان مسافري جي شروعات ڪندي هنن تهذيب جا ڪي به آثار اُنهن علاقن ۾ نه ڏٺا جيڪي ويڙهه ۾ سرمائينس جون آبادیون ٿي ويون آهن." هيئين ميسيا ۾ هڪ شهر ڪٽپري جي نالي سان هو.

39. ڏسو يومينيئس جو جذباتي خوشيءَ جو اظهار. (مدح سرائي - vii, 9).

40. اسڪئليگر (ائنيميدورس ائڊيوسيب - ص - 243) پنهنجي دستوري طريقي سان فيصلو ٿو ڏئي ته جيڪي پنج آفريڪي ملڪ هئا، اُهي دراصل پنج وڏا شهر هئا يعني سائرين جي پرامن صوبي جي پنجن شهرن جو هڪ گروپ.

41. پنهنجي شڪست ڪانپوء، جولين پنهنجي ئي خنجر سان پاڻ کي ماري ڇڏيو ۽ پوءِ شعلن ۾ وکوڙجي ويو. (وکٽر، اختصار ۾)

42. مدح سرائي (ويٽ vi, 8) " ماريٽنيا جي تمام خطرناڪ قبيلن جن پنهنجن پهچ کان ٻاهر اُتاهن جبلن جي حفاظت تي پاڙيو ٿي - تو کين اتان پڇايو، کين گرفتار ڪيو ۽ نيٺ کين تڙي ڪڍيو."

43. ڏسو هرڊسيئس ۽ سڪندر جو بيان. (ڊي - بيل الڳزينڊرئن باب - 5).

44. يوٽراپ (ix, 24) اوروسيئس (vii, 25) جان ملالا قديمي تاريخوار واقعن ۾ (ص - 409,410) ان هوندي به يومينيئس اسان کي يقين ٿو ڏياري ته مصر، ڊائڪليشين جي مهرباني جي روڀي سبب پُر سڪون ٿي ويو هو.

45. يوسيبيئس (تاريخوار واقعا) سندن تباهي جو واقعو ڪيترائي سال پوءِ جو ٿو ٻڌائي ۽ اهڙي وقت جڏهن مصر پاڻ روم جي خلاف جنگين ۾ مصروف هو.

* (آريلين جي حڪومت ۾ زينب جو هڪ اتحادي.)

46. اسٽرابو (xvii, 1, 172) پامپينيئس ميلا (i,4) سندس لفظ غور طلب آهن. "ٻهراڙيءَ ۾، جيڪڏهن اطلاع جي ذريعن تي يقين ڪجي ته ماڻهو شايد ئي انسانن وانگر آهن، شايد اڏو اڏ وحشي آهن."

47. " اُنهن پنهنجي پاڻ کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو يا داؤ تي لڳائي ڇڏيو جو ته اُنهن روم جي ملينري جي طاقت کي للڪاريو هو."

48. ڏسو پروڪوپيس کي، ڊي بيل ۾ (i,19)

49. هن الڳزئندريا جي ماڻهن لاءِ اَنَ جو گذاري جو الاٽمنس به ملين ميڊيمني يا چار لک ڪوارٽرس مقرر ڪيا. (ڏسو تاريخوار واقعا (پاسڪل - ص - 276) پروڪوپيئس جي تاريخ - (باب - 26 ؛

50. جان ائنٽئڪ. تاريخ جي ورقن ۾. والسين (ص - 834) سوئيداس ڊائڪلشين ۾.

51. ڏسو مختصر تاريخ ۽ الڪيمي جي انڪار ۾ جيڪو ان فلسفي مواد سهيڙيندڙ لامودي لي ويئر لکيو آهي. (i,327 - 53).

52. ڏسو تعليم ۽ ٽائريڊيٽس جي طاقت، ڪورين جي موسيٰ جي آرمينيا جي تاريخ ۾ (ii,76) هو هن مينهن جي سائن کي سڳن مان ولي سوگهو ڪري چڏيندو هو ۽ اُنهن کي پنهنجي هٿن سان پيچي بہ سگهندو هو.

53. جيڪڏهن اسان نديڊي وڪٽر تي اعتبار ڪريون تہ سال 223ع ۾ لسينيئس فقط سڌ سالن جو هو. تہ پوء هو شايد ساڳيو ماڻهو نہ هوندو جيڪو ٽائريڊيٽس جو سرپرست هو: پر اسان کي بهتر ۽ وڌيڪ اعتماد واري ذريعي مان معلوم ٿيو آهي (يوسيب - ڪليسا جي تاريخ x,8) تہ ان وقت پنهنجي زندگي جي آخري وقت ۾، سورهن سال اڳ، لسينيئس جا وار سفيد هيا ۽ هو گٹليرئس جو همعمر هو. (ڏسو لئڪٽنٽيئس - باب - 32) لسينيئس شايد سال 250ع ۾ ڄائو هو.

54. ڏسو ڊائن ڪئسيئس جا ڪتاب هاهٹيون ۽ ٽيهٹيون.

* (باب - 8 ۾)

55. ڪورين جو موسيٰ آرمينيا جي تاريخ (ii, 74) اهي مجسما وٹلرسيسز ٺهرايا هيا جيڪو حضرت عيسيٰ (ع.س) کان 130 سال اڳ آرمينيا ۾ حڪومت ڪندو هو ۽ آرسيسز جي خاندان جو پهريون بادشاهہ هو. (ڏسو ڪورين جو موسيٰ آرمينيا جي تاريخ ۾ (ii, 2, 3) آرسيسائيڊس کي ديوتا ڪري پوڄڻ کي جسٽن بيان ڪيو آهي (xIi, 5) ۽ اميٹينس مارسيلينس پڻ. (xxx, 6)

56. آرمينيا جا امير ۽ نواب تمام گهٹا ۽ طاقتور هيا. موسيٰ ڪيترن ئي خاندانن جو ذڪر ڪري ٿو جيڪي وٹلرٹيس (ii,7) جي حڪومت ۾ نهايت ئي نمايان هوندا هيا ۽ جيڪي سندس وقت ۾ اندازي موجب پنجين صدي جي وچ تائين پڻ هيا. (ڏسو سندس ايڊيٽرن جا لکيل مُهاڳ).

57. سندس نالو ڪوسريڊچاهو ۽ محاوري موجب ڪيس ٻين عورتن وانگر ڪُليل وات، ڪونہ هو. (آرمينيا جي تاريخ ii,79) مونکي هي محاورو يا چوڻي سمجهہ ۾ نٿي اچي.

58. آرمينيا جي تاريخ ۾ (ii, 78) توڙي جاگرافي ۾ (ص - 367) چين کي زينيا يا زيناستان چيو ويندو آهي. ان جي خصوصيت اها آهي تہ ريشم يا پَٽُ گهٹو ٺهندو آهي، ان کانسواءِ مقامي ماڻهو شاهوڪار آهن، اُتي پيار ۽ امن امان آهي جيڪو دنيا جي ٻين سيني ملڪن جي پيٽ ۾ وڌيڪ آهي.

59. وائو - تي، ستين شاهي گهراڻي جو پهريون شهنشاهہ جيڪو ان وقت چين ۾ حڪومت ڪندو هو، جا فرگانا سان سياسي لاڳاپا هيا جيڪو سوگڊيانا جو صوبو هو، ان لاءِ ٻڌايو ٿو وڃي تہ ان روم جني سفارتخاني جي آڇيان ڪئي هئي. (هُنن (Huns) جي تاريخ i, 38) اُنهن وقتن ۾ چين وارن فوجين جو هڪ جٿو ڪاشگر ۾ رکيو هو ۽ تراجن جي وقت ۾ سندن هڪڙو جنرل ڪُوچ ڪندو ڪئسپين سمنڊ تائين هليو ويو. جيتري قدر چين ۽ مغربي ملڪن جو پاڻ ۾ رابطن جو تعلق آهي تہ هن سلسلي ۾ ڏسو دلچسپ آتر ڪهاڻي ايمر - ڊي گائگنس جي لکيل نقش ونگار جي اڪئڊمي ۾ (xxxii, 355)

60. ڏسو آرمينيا جي تاريخ (ii, 81)

61. مدح سرائي (ويٹ iii, 1) " سندس ياءِ هُرمز جنهن سان ساسي، رُومي ۽ گيلي گڏ هئا، فارسين تي ۽ خود بادشاهہ تي حملو ڪري ڏنائون. " ساسي، رولو اسڪيٹين جي هڪ قوم هئي، جن اوڪسَس ۽ جئڪسرٹس ندين جي پر وارن ڪنارن وٽ

وڃي آبادي اختيار ڪئي هئي. گيلي قوم جا ماڻهو گيلان جا رهاڪو هئا جيڪو ڪئسپين سمنڊ سان گڏر گڏ هو. جن وڏي عرصي تائين ڊائليمائيٽس جي نالي ۾ فارس جي بادشاهت کي تڪليفون پهچايون هيون. (مشرق جا واقعا).

62. ڪورين جو موسيٰ ۾ انقلاب کي چڱي ٽي نڙو ڪري جنهن کي مون اميئنس مارسيلينس جي هڪ تحرير تان ورتو آهي (xxiii,5) لئڪٽنٽيس نارسس جي ارادن بابت ڳالهائي ٿو. " پنهنجي ڏاڏي ساپور جي مثال کان متاثر ٿي، هن جي اندر ۾ اوير جي ملڪن کي فتح جي خواهش ڪرَ ڪٽي جاڳي پئي. "

63. ابسان کي ان ڳالهه تي اعتبار ڪرڻ گهرجي ته لئڪٽنٽيٽس، ڊائڪليشين جي رويي کي بزدلي ڪوئي ٿو. جولين پنهنجي تقرير ۾ چوي ٿو ته هو شهنشاهت جي سيني طاقتن سان گڏ رهيو هو جيڪو ڪافي وڏاءِ وارو جملو لڳي ٿو.

64. اسانجا پنجَ اختصار ڪندڙ: يوٽروپيٽس، فيسٽس، ۽ وڪٽر ۽ اوروسيٽس، سيئي آخري ۽ وڏي جنگ سان وابستگي ظاهر ڪن ٿا ۽ فقط اوروسيٽس اڪيلو پهرين ۾ جنگين جو ذڪر ڪري ٿو.

* (53 ق - ڪا گارهي وٽ)

65. ملڪ بابت اسانکي پلوٽارچ زينوفن جي ذريعي ڪراسس جي زندگي ۾ تمام سڻي نموني ۾ ٻڌائي ٿو.

66. ڏسو فوسٽر جو مقالو اَناباسِس جي ترجمي جي پي جُلد ۾ جنهن کي اسپيلمئن پيش ڪيو آهي، جنهن جي لاءِ آءُ جرئت ڪندي اها سفارش ڪندس ته جيڪي تحريرون هن وقت تائين سلامت آهن اُنهن ۾ اهو بهترين نمونو آهي.

67. آرمينيا جي تاريخ. (ii,76) مون تريڊيٽس جي هن ڪوجنا واري ڪر کي خيالي شڪست کان سچي شڪست ڏي تبديل ڪيو آهي جيڪا گٽليس کي آئي هئي.

68. اميئنس مارسيلينس (xiv) . هڪ ميل جو پنڌ. (يوٽروپيٽس، (ix,24) فيسٽس (باب - 25) ۽ اوروسيٽس (vii,25)) هٽان وڏندو وڏندو الائي ڪيترن ميلن تائين پهچي ويو.

69. آريليس وڪٽر. جارنٽنڊس کي ڏسو ڊي ريبس گيسٽِسز ۾ (باب - 21)

70. آريليس وڪٽر چوي ٿو: " هن آرمينيا جي رستي ذريعي دشمن کي ڳولي لڏو - خاص طرح جيڪو هڪڙوئي رستو هو. ۽ هي رستو اهڙو هو جيڪو فتح طرف ڪيس وڻي ويو." هو تراجن جي نقش قدم تي هليو ۽ ڏهني رهبري جوليٽس سيزر کان ورتائين.

71. زينوفن جو اناباسِس. (iii) ان سبب جي ڪري، فارس جي گهوڙي سوار فوج دشمن کان سڌ استڊيمن جيترو پنڌ پري وڃي خيما کوڙيا.

72. هيءَ ڪهاڻي سڪر جنهن کي اسڪيوٽر به کوٽيندا هيا جي بجاءِ، اسانکي اميئنس (xxii) ٿو ٻڌائي.

73. فارسين، روم وارن جي اخلاقي تورڙي فوجي مٿيرائيءَ کي مڃيو. (يوٽراپ - ix, 24) ۽ دشمنن طرفان هيءَ عزت ۽ احسانمنديءَ جو اظهار اُنهن ۾ پاڻ وٽ مشڪل سان ٿو ملي.

74. ڳالهه هولهه جو تفصيل هڪ نواب يا امپرزادي پيٽر جي ڪجهه لکيل ٽُڪرن مان هٽ ڪيو ويو آهي جيڪو بائزينٽائن وارن سهيڙي چپرايو هو. پيٽر، جسٽينين هيٺ ان دؤر ۾ رهيو هو ۽ جيڪا مودا جي نوعيت آهي ان مان صاف ظاهر آهي ته مواد تمام مستند ۽ عزت وارن ليکڪن جي تحرين منجهان حاصل ڪيو ويو آهي.

* شهنشاهه وئلرين، جنهن کي فارس جي بادشاهه ساپور 260ع شڪست ڏني هئي، قيد ۾ بند ۽ تڪليفن ۾ گذاري رهيو هو. گِبن، ڏهين باب ۾ لکي ٿو: " جڏهن وئلرين شرمساري ۽ غُرَ جي بار هيٺ جهڪي ۽ صفا ختر ٿي ڇڪو هو ته سندس جملوءِ کي بُهَ ۽ ڪڪن پنن سان ڀري، ان مان انساني شڪل ٺاهي ۽ ڪيس فارس جي مشهور مندر ۾ رکيو ويو هو جتي هو زمانن تائين محفوظ رهيو هو.

75. آريليَس چوي ٿو: " سندس سوپ جي اهميت اها هئي ته جيڪڏهن ڊائڪليشين، جيڪو هر ڳالهه ۾ نتيجن جو ذميوار هو، انڪار نه ڪري ها ته رومين جون لٽيون ۽ ڏنڀا ڪنهن نئين صوبي ڏانهن ڪڍي وڃن ها. پر هڪ وڏيڪ اهر علاقو يعني ميسوپوٽئميا کي حاصل ڪرڻ درحقيقت رومين جو اصل مقصد هو."

76. هو سُرمير جو گورنر رهيو هو. (پيٽ، پٽريشيس جو مواد - ص - 30) هن صوبي جو ذڪر ڪورين جي موسيٰ ڪيو آهي (جاگرافي - ص - 360) جيڪو جبل ارارت جي اوپر ۾ آهي.

77. جاگرافيءَ جي ماهر پٽوليمي جي غلطيءَ جي ڪري سنگارا جي موجودگي ابوراس جي بجاءِ دجلہ ۾ ڏيکاري وئي آهي جنهن سبب پيٽر کان ۾ اها غلطي ممڪن آهي ته ٿي هجي ته هن پوئين ندي ڪي. پهرئين جي بجاءِ سرحد تي ڇاڻايو آهي. روم جي سرحد جي لڪير هيڏي هوڏي پاسيري آسيري ضرور تي آهي پر دجلہ طرف هرگز نه وئي آهي.

78. ڏسو پروڪوپيَس کي عمارت سازيءَ ۾. (ii,6)

79. ٽن صوبن زئبديسين ارزينن ۽ ڪاردِيون کي هر طرف کان اجازت مليل آهي، پر بجاءِ ٻين ٻن جي، پيٽر (خلاصي ۾- ص - 30) رحمين ۽ سوفين کي اُتي ڇاڻايو آهي. مون اميئنَس کي ترجيحَ ڏني آهي (xxv,7) جو ته اها ڳالهه ثابت ٿي سگهي ٿي ته سوفين، فارس وارن وٽ ڪڏهن به نه رهيو هو. نه ته ڊائڪليشيَن جي حڪومت کان اڳ ۾ ۽ نه وري جووين کانپوءِ، صحيح نقشن جي ڪميءَ جي ڪري جيئن ايئر - ڊي انويل جو نقشو آهي، جيڪي به جديد ليکڪ آهن، جن ۾ ٽليمانٽ ۽ وئلسيَس کي سندن رهبر سمجهڻ گهرجي، سي ان ڳالهه تي متفق آهن ته اهو فارس وارن سان تعلق رکي ٿو ۽ نه روم وارن سان ته پنج صوبا دجلہ کان ايڌا اڳتي هيا.

80. زينوفن جو اناباسس - iv . سندن ڪمانون 18 کان 22 انچ ڊگهيون هيون، سندن تير 10 کان 14 انچن تائين ۽ اُهي وٺگن جي بار جيترا پٿر پاڻ سان کڻندا هٿا. يونانين کي ان جهنگلي ملڪ ۾ ڪيترائي ڳوٺ نظر آيا هيا.

81. يوٽروپيَس موجب (xi,9 - جيئن ته مواد ۾ بهترين مسردا مليا آهن) ٽِگرئنوسرٽا جو شهر ارزنين ۾ هيو. ٻين ٽن شهرن جا نالا ۽ اُنهن جو هنڌ مشڪل سان ئي ملندو.

82. هيروڊوٽس (i,97) ٽي ڪورنِس جي موسيٰ سان پيٽ ڪريو. (آرمينيا جي تاريخ ii, 84 ۽ آرمينيا جو نقشو جيڪو ايڊيٽرن شامل ڪيو آهي)

83. ڏسوٽشسيئس (تاريخ جا ورق - vi, 33) (ڏسو پڻ اسٽرئبن - جاگرافي - xi, 764) " آئبيريا جا ماڻهو جيڪي پنهنجن روَين ۾ تمام سخت هوندا آهن، انهن اوچتو سرماٽيا جي سيني ماڻهن کي ڪاڪسَس جي لنگهه کان آرمينيا وارن جي خلاف چڙواڻ چڙي ڏنو. "

84. پيٽر پٽريشيَس (خلاصو - ص - 30) هڪ اڪيلو ليکڪ آهي جيڪو صلحنامي بابت مضمون جو ذڪر ڪري ٿو.

85. يوسيبيَس کي ڏسو آتر ڪٽا ۾، ان اهر مقالي جي ظاهر ٿيڻ تائين، ان ڳالهه جو يقين ڪونه هو ته سوپَ ۽ ويهين ورسي ساڳي ئي وقت ملهائي وئي هئي.

86 .ويهين ورسيءَ جي موقعي تي، گٿريس پنهنجو هيڊ ڪوارٽر دنيوب ۾ مقرر ڪيو هو. (ڏسو لٽڪٽنٽيَس ڊي - ايڊ - پي، باب - 38)

87. يوٽروپيَس (ix, 27) اُنهن کي سوپَ ۽ خوشين جو حصو ٿو ڪوٺي، جيئن ته ماڻهو نارميس طرف واپس ڪيا ويا هيا پر هيو ڪجهه به نه فقط سندن تصويرن کي ڏيکاريو ويو هو.

88. ليوي اسانکي ان موضوع بابت ڪٽميلَس جي تقرير بابت ٻڌائي ٿو. (v, 51, 55) جيڪا فصاحت بلاغت ۽ سنجيدگي جو مجموعو آهي. هي تقرير، روم جي گاديءَ جي هنڌ کي پاڙي واري شهر وِي (Veii) ڏانهن منتقل ڪرڻ جي مخالفت ۾ آهي.

89. جوليَس سيزر کان فقط انڪري نفرت ڪئي وئي هئي ته هن بادشاهت کي اِليم (ٽراءِ - Troy) يا وري اليگزئنڊريا وٺي وڃڻ ٿي چاهيو. (ڏسو سوٽونيَس کي سيزر ۾ - باب - 79) لي فيور ۽ ڊئسيَر جي هڪ ڏهني اندازي موجب، هورئس جي ٽئين ڪتاب جي ٽين نظر جو مقصد آگسٽَس کي اهڙي ئي قسم جي عمل ڪرڻ کان روڪڻو هو.

+ صفحو - 223 (روم جي حق ۾ هو هڪ طرفو هو)

++ صفحو - 223 (اعتبار جوڳو، ايماندار)

90. ڏسو آريليَس وڪٽر جيڪو ساڳي طرح سان مٽڪسيميَن طرفان ڪارٿيج عمارتن آڏو جو ذڪر ڪري ٿو شايد آفريڪا جي ماڻهن جي جنگ جي موقعي تي اهو ذڪر آيل آهي. اسان هتي آسونيَس جا ڪجهه شعَر پيش ڪنداسون:

" مِلن ۾ هر شئي ڪمال جي آهي، سندس شاهوڪاري، تمام گهٽا ۽ سهٽا گهَر. ماڻهو هر فن مولا آهن ۽ تمام مهذب آهن، سندس ترقيءَ جا موقعا ٻڌي ديوار هٿ سبب ايڏا به وڌي ويا آهن، ان ۾ ماڻهن جي دلچسپيءَ لاءِ سرڪس آهن، هڪ وڏو ٿيٽر آهي؛ انجا مندر، قلعو، پريل خزانو ۽ هرڪيولس جا غسلخانا نمايان آهن. ان جا محراب سيٽي ماربل مان ٺهيل ۽ ديوارون اهڙيون جڙ قلعا هجن، هر شئي تمام سهڻي نموني ٺهيل ۽ سجايل آهي جيڪا بين تعميراتي فنپارن کي جڙ للڪاري ٿي، پر اهي سيٽي شيون ڪجهه پَرپريون آهن ۽ روم جي ويجهائي ۾ نه آهن."

91. لٽڪٽنٽ - ڊي - ايڊ - پي - باب - 7، لبانيس - تقريرون (viii, 203)

92. لٽڪٽنٽيَس - ڊي - ايڊ - پي - باب - 17، اهڙي ئي موقعي تي اميٽينَس عام ماڻهن جي ڪِل پوڳ ۽ چرچن بابت اسانکي ٻڌائي ٿو جيڪي بادشاهن جي ڪنن کي نه وڻندا هٿا. (xvi, 10)

93. لٽڪٽنٽيَس، مٽڪسيميَن تي الزام ٿو هڻي ته: " هن سينيٽ جي اهر ماڻهن تي ڪوڙيون تهمتون مڙهي کين تباهه ڪيو هو." (ڏسو ڊي، ايڊ - پي، باب - 8) آريليس وڪٽر، ڊائڪليشين جي عقيدي ۽ دوستن سان روَيي بابت شڪ جو اظهار ڪري ٿو.

94. آريليس وڪٽر: " شهري فوجن جي تعداد کي گهٽايو ويو هو ته ساڳي وقت شاهي محافظن جي تعداد ۾ پڻ واضح گهٽتائي آندي وئي هئي ۽ عام ماڻهن جي هٿيارن کي پڻ گهٽايو ويو هو. لٽڪٽنٽيَس، ساڳي تجويز جي تڪميل لاءِ گٿريَس ڏانهن رجوع ڪري ٿو.

95. اُها پراڻي فوجي ڪور هئي جنهن کي اِليريڪر ۾ قديمي فوجي انتظامیہ طور مقرر ڪيو ويو هيو ۽ هر ڪور ۾ ڇهَ هزار ماڻهو هئا. ڪين نيزن جي نشانن هٺ ۾ شهرت حاصل هئي ۽ اُنهن نيزن ۾ شِيهو استعمال ٿيندو هو. هر سپاهيءَ وٽ اڌرا پنج نيزا هوندا هيا جن کي هو مفاصلي کان ڇڏيندا هئا. اُنهن جي استعمال ۾ وڏي طاقت ۽ قُوّتيءَ جي ضرورت هوندي هئي. (ڈسو ويگاٽيس - (i,17)

96. ڈسو ٿوڊوسيَن جو ضابطو (vi, iii) گاڏفراءِ جي تبصري سان گڏ.

97. ڈسو اسپانيہ جي زبردست تحقيق جو ٻارهون مقالو. تمغن، نقشن ۽ تاريخدانن منجهان هن تفصيلن ۽ عنوانن ڪي غور سان پيٽيو آهي ۽ آگسٽس کان وٺي ان جي غائب ٿيڻ جي وقت تائين ان تي لکيو آهي.

98. پلني (مدح سرائي ۾ 3,55 - وغيره) ڊومينَس بابت سخت نفرت مان ائين ڳالهائي ٿو جيئن هو آمر بابت ڳالهائيندو هجي پر، شهزادي لاءِ هنجو لهجو مختلف آهي. ساڳيو ئي پلني (پنهنجي تحريرن جي ڈهين ڪتاب ۾) ساڳيو ئي " نيڪ تراجن" جو خطاب باقاعدگيءَ سان مالڪ جي بجاءِ پنهنجي دوست کي ڈئي ٿو. هي انوکو انداز تبصري نگارن کي پريشان ڪري ٿو ڇڏي ۽ ترجمي ڪندڙن کي ب منجهائي ٿو ڇڏي ته هو اڳتي ان تي ڇا لکن.

99. سِنيسيَس، ڊي ريگنو - (پنڌَ جو ايڊٽ ٿيل - ص - 15) آءٌ هن عمدي قول لاءِ ابي ڊي لابليٽري جو احسانمند آهيان.

100. ڈسو وٹن ڊيل جو تقدس (ص - 534 وغيره) اهو بادشاهن جو دستور هوندو هو ته قانون جي ديباچي يا تعارفي مهاڳ ۾ عجيب خطاب لکرايا ويندا هئا: " جيئنداقبلا"، "پاڪ هستي" ۽ ٻيا ڪيترائي خدائي صفتن وارا خطاب هوندا هئا. ٽليمانٽ جي چوڻ موجب، نازيبانزين جو گريگري سخت لفظن ۾ ان بي ادبي ۽ گستاخي جي روَيي جي شڪايت ب ڪري ٿو ۽ ان کي نِندي ب ٿو خاص طرح جڏهن اها بي ادبي هڪ اهڙي بادشاهہ کان ب ٿي هجي جيڪو آريائي نسل مان هو.

101. ڈسو اسپانيہ جو مقالو (xii) ڊي اُسو ني مِسمت.

102. آريليس وکٽر، يوٽروپيس (ix, 20) مدح سرائي وارن ذريعي خبر پوي ٿي ته روم وارا ب پنهنجي تعريف ڪرڻ تي خوش ٿيندا هيا.

103. ڊائڪليشين جيڪي ب نيون ڳالهيون ۽ ڪَر شروع ڪرايا هئا ته اُنهن کي گهٽو ڪري بيان ڪيو ويو آهي، پهريون لئڪٽنٽيس ۾ ان متعلق زبردست فقرا لکيل آهن ۽ ڪيترين ئي نيُن آئيسن ۾ ٿوڊوسين ضابطي هيٺ محفوظ آهن ۽ اُهي اڄي ٿي ڪانسٽنٽائن جي حڪومت جي دوُر ۾ سَنَ ماڻي چڪيون آهن.

104. لئڪٽنٽيَس، ڊي، ايم. پي، باب - 7

* (بادشاهہ 378 - 364ع)

+ (بادشاهہ - 395 - 379ع)

105. " هڪ نئون قانون ناهيو ويو هيو جنهن کي، پوءِ نرم ڪري برداشت ڪرڻ جي قابل بنايو ويو جيئن اُهو ان دوُر ۾ عمل ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جهڙو ٿي وڃي، پر پوءِ وقت سر اُهو سَهپَ جي حدن کان مٿي ٿي ويو." آريليس وکٽر، جنهن ڊائڪليشين جي ڪردار کي سڀني طريقي سان ڇاڻايو آهي پر لاطيني زبان ۾ ڇڻ برو ٿي پيو آهي.

106. " روم جي شهنشاهت جي قائم ٿيڻ کان وٺي، هو اڪيلو ۽ پهريون شخص هو جنهن پنهنجي مرضي ۽ خوشيءَ

سان شهنشاهت جهڙي عظيم عهدي ۽ مرتبي کي ڇڏيو ۽ رٽائر ٿي هڪ عام شهريءَ وانگر پنهنجي خانگي زندگي گذارڻ لڳو."

* (وليَم رابرٽسن پنهنجي ڪتاب "شهنشاهه چارلس جي حڪومت جي تاريخ" ۾.

107. مسافري ۽ بيماريءَ جو احوال لئڪٽنٽيس (باب - 17) مان ورتو ويو آهي جنهن کي ماڻهن جي معاملن ۽ حقيقتن بابت هڪ شاهد طور ۾ قبول ڪري سگهجي ٿو پر ذاتي تعصن يا پوڳن چرچن لاءِ نه.

108. آريليس وڪٽر شهنشاهت کي ڇڏڻ جا، سبَب، جيڪي هين تہ ڪيترائي بيان ڪيا آهن، فقط ہَڪ ٿو ٻڌائي، پهريون اهو تہ ڊائڪليشين کي ڊگهي حڪمراني ڪرڻ کان نفرت هئي، ۽ ٻيو سبب اهو هو تہ ڪيس خطرو هو تہ متان اڳتي هلي ڪيس تڪليفون ۽ ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پوَن. مدح سرائيءَ جي ماهر منجهان هڪڙي (vi, 9) اهو ڇاڻايو آهي تہ ڊائڪليشين جي وڏندڙ عمر ۽ جسماني ڪمزوريءَ ڪيس رٽائر ٿيڻ تي مجبور ڪيو هو.

109. ڊائڪليشين جي تخت ڇڏڻ جي تاريخ، ڏينهن ۽ سال بابت جيڪي مونجهارا هيا اُنهن کي ٽليمانٽ بلڪل وضاحت سان دور ڪري، هر شئي صاف ڪري ڇڏي آهي (شهنشاهن جي تاريخ (vi, 525 - نوٽ - 19. جنهن سان پاڳي ٻہ اتفاق ڪيو آهي.)

110. ڏسو مدح سرائي. (vi, 9) جڏهن مئڪسيميَن ٻيهر حڪمراني اختيار ڪئي تہ تترير ان موقعي تي ڪئي وئي.

111. يومينيَس ڪيس گهٽو داد ڏئي ٿو ۽ سندس تعريف ٿو ڪري: " هو ديوتا - صفت انسان، جيڪو پهريون ۽ اڪيلوئي آهي جنهن ٻين سان گڏجي حڪمراني ڪئي ۽ عظيم مرتبي کي ڇڏي ڏنائين: نہ پنهنجي فيصلي تي ڪيس افسوس ٿيو ۽ نہ ان جي ڪا پرواهہ ڪيائين ۽ نہ وتس اهو سوچڻ جي گنجائش هئي تہ سندس نقصان ٿيو هو چو تہ هو تہ سڀ ڪجهہ سوچي سمجهي ايڏو مرتبو پنهنجي مرضيءَ سان ڇڏي آيو هو. هو ڪيڏو نہ پاڳ وارو ۽ خوش نصيب انسان آهي جو هڪ خانگي حيثيت ماڻڻ کان پوءِ ٻہ، بادشاهن طرفان واکاڻ ۽ تعريف جو مرڪز ٻڌيل آهي."

112. اسان نندي وڪٽر جا، سندس مشهور بَوَن مان، لاءِ ٿورائتا آهيون. يوٽروپيَس اها ڳالهہ عام طرح بيان ڪئي آهي.

113. آگسٽ جي تاريخ (صفحا - 224 - 223) ووپسڪَس اها گفتگو پنهنجي پيءُ کان سِکي هئي.

114. نندو وڪٽر اها رپورٽ مختصر نموني ٻڌائي ٿو. پر جيئن تہ ڊائڪليشين، هڪ طاقتور ۽ ڪامياب پارٽيءَ کي نہ مڃيو هو ۽ ان کي پورو مانُ نہ ڏنو هو تہ سندس ياد کي هر جرم ۽ بدقسمتيءَ سان ملايو ويو آهي. ان ۾ اهو ٻہ ڇاڻايو ويو آهي تہ هو بيوقوفيءَ جون ڳالهيون ڪندو هو تنهنڪري ڇريو ٿي مئو ۽ هنکي روم جي سينيٽ طرفان مجرم سڏيو ويو ۽ ڪيس نندايو ويو.

115. ڏسو آئٽنر (صفحا - 272 - 269) جنهن کي ويسل ايڊٽ ڪيو آهي.

116. آبيٽ فارِيَس، پنهنجي ڪتاب "وڻاجيو ان ڊالمٽريا" (ص - 43) جيڪو 1774ع ۾ ہن جُلدن ۾ وِينِس ۾ ڇپيو، ان ۾ هو سلونا جي قديم آثارن جي باري ۾ هڪ مسودي جو ذڪر ڪري ٿو جنهن کي گيام باٽِسٽا گِسٽينياني سورهين صدي عيسوي جي وچ ڌاران ڇپرايو هو.

117. اسپالاٽرو ۾ ڊائڪليشين جي محلات بابت آدم جا قديمي آثار (ص - 6) اسان ابيٽ فارِيَس مان هڪ ٻہ ڳالهيون هتي شامل تا ڪريون: حيادر جي نندي نهَر، جنهن کي ليوسن بيان ڪيو آهي، ٽرائوٽ مڇيءَ کي پيدا ڪري

ٿي، جنهن لاءِ هڪ سياڻي ليکڪ، جيڪو شايد هڪ ہائو هو، پنهنجو خيال ظاهر ڪيو آهي تہ اهو ڊائڪليشين جي تخت چڙڻ ۽ هڪ "ڪنڊائتي" زندگي بسر ڪرڻ جو مڪيہ سبب ٿي سگهي ٿو. (فارٽس - ص - 45) ساڳئي مصنف (ص - 38) اهو بہ ٻڌايو آهي تہ اسپالاٽرو ۾ ماٺهو زراعت ڏانهن وڌيڪ مائل نظر تا اچن ۽ شهر جي ويجهو هڪ تجرباتي فارم پڻ قائم ڪيو ويو آهي جنهن کي پڙهيل ليکيل مانائتن ماٺهن جي سوسائٽي هلائي ٿي.

118. ڪانسٽنٽائن جي تقرير (باب - 25) هن تقرير ۾ بادشاهہ، يا پادري جنهن اُها تقرير لکي هئي، اُهو اُنهن سيني جي خراب ۽ بدنصيبي واري پڃاڻيءَ جو ذڪر ڪري ٿو جن ڪليسا کي تڪليفون پهچايون هيون.

119. ڪانسٽنٽائن، پورفائري کي ڏسو (ص - 86)

* (هڪ تارڪ دنيا جو گهر يا جهوپڙي)

+ (هڪ ليکڪ ۽ عمارت سازيءَ جو وڏو ماهر جيڪو آگسٽس جي وقت ۾ هو)

++ (داخل ٿيڻ جو هال)

00 (وراندو)

120. ڊي - ائنول - قدير جاگرافي. (i,162)

121. مسٽر آدم ۽ مسٽر ڪليريسُو جن سان ہ نقشن جا ماهر بہ گڏ هيا، جولاءِ 1757ع ۾ اسپالاٽرو گهمڻ ويا هيا. واپسيءَ تي هنن جيڪو ڪجهہ پنهنجي سفر بابت زبردست ڪر ڪيو سو لنڊن ۾ ستن سالن کان پوءِ ڇپيو هو.

122. آءٔ هتي اَبيٽ فارٽس جا الفاظ ڏهرائيندس جنهن لاءِ ڏسو وِٽاجيو کي ڊالمٽريا ۾:

" مسٽر آدم جا ڪَر، تعميرات جي ماهرن ۽ قدير آثار شناسن کي چڱيءَ طرح معلوم آهن. هن انهن ڪمال جي آثارن کي پنهنجي پينسل جي نازڪ ڪر ۽ نقش نگار جي ڇيٽيءَ ذريعي گهٽو ڪجهہ ڏنو آهي. عمومي طرح ڇيٽيءَ جي گهرائي ۽ ان دوُر جي بد ذوقي، ڊازئن جي عظمت کي اُهو رتبو نہ ڏنو آهي جيڪو ان فنپاري لهٽو آهي."

123. تقرير جو ماهر يومينيَس، مٹڪسيميَن ۽ ڪانسٽنٽيَس شهنشاهن جو سيڪريٽري ۽ آٽن جي ڪاليج ۾ تحرير ۽ خطابت جو پروفيسر هو. سندس پگهار ۾ لک سيسٽرسز هو جيڪو ان دوُر جي گهٽ ۾ گهٽ پٹماني جي پيٽ موجب پي، سال جي ٽن هزار پائونڊن کان مٹي ٿيندو. هو وڏي فراخ دليءَ سان عرض ڪندو هو تہ ڪيس اجازت ڏني وڃي تہ هو پنهنجو پگهار ڪاليج جي بهبود لاءِ خرچ ڪري. ڏسو سندس تقرير جيڪا تورڙي جو ڪجهہ ڦُوندِ واري آهي پر اُها ممڪن آهي سندس مدح سرائيءَ جو ڪنارو ادا ڪري سگهي.

124. پورفائري لڳ ڀڳ ان وقت مٹ جڏهن ڊائڪليشين تخت کي خيرباد چيو هو. سندس مالڪ پلوٽينَس جي زندگي، جيڪا هن ناهي هئي، اسان کي پروفيسر جي رهٹي ڪهٹي ۽ عقيدن بابت مڪمل معلومات مهيا ڪندي. هي اهم تڪرو فٹبريشيَس ۽ يونان جي احوالن ۾ درج ٿيل آهي. (iv, 88-148)

باب - چوڏهون
(خلاصو)

ڊائڪليشين جي تخت چڙهڻ کانپوءِ تڪليفون - ڪانسٽنٽائن جو موت - ڪانسٽنٽائن ۽ مئڪسينٽيس جي ترقي- ساڻئي وقت تي ڇهن شهنشاهن- مئڪسيمين ۽ گئلريس جو موت - مئڪسينٽيس ۽ لسينيس خلاف ڪانسٽنٽائن جون سوڀون - ڪانسٽنٽائن جي فرمان هيٺ شهنشاهت جو ٻيهر متحد ٿيڻ.

شهنشاهت ۾ ڊائڪليشين جيڪو سياسي استحڪام آندو هو اُهو گهڻو وقت هلي نه سگهيو ۽ هن باب ۾ گِبن اُنهن اختلافن ۽ دشمنين جو ذڪر ڪري ٿو جيڪي سندس جانشينن ۾ پيدا ٿيون. 308ع ۾ هڪ ئي وقت تي گهڻ ۾ گهڻ ڇهن شهنشاهن پنهنجي شهنشاهت جو انتظام هڪ ٻئي ۾ ورهائي پئي هلايو. گال ۾ ڪانسٽنٽائن جي حڪومت ۾ بلڪل امن امان هو. توڙي جو گبن سندس پالسين کي نرم ۽ انسان دوستيءَ جي بجاءِ موقعي پرستي ٿو ڪوٺي. وري تضاد اهو ته مئڪسيمين جو پُٽ مئڪسينٽيس، روم ۾ پنهنجن اختيارن جو ناجائز فائدو وٺندي ڪانسٽنٽائن جي حڪومت کي للڪاري ٿو. 312ع ۾ روم کان ٻاهر مِلويَن پل تي هڪ جنگ لڳي جنهن ۾ ڪانسٽنٽائن جي گال جي بهادر فوج مئڪسينٽيس کي شڪست ڏني؛ ان موقعي تي ڪانسٽنٽائن جو ڪماني محراب ڏاهيو ويو ته جيئن هن سوچ جي يادگار طور موجود رهي. ان کانپوءِ ڪانسٽنٽائن، اوير ۾ لسينيس سان ڪڍجي شهنشاهت جو انتظام سنيالیو پر اُنهن جي وچ ۾ خانه جنگي جي شروعات ٿي وئي جيڪا 324ع ۾ لِسينيَس جي موت تائين هلي ۽ ان کانپوءِ امن امان قائم ٿيو.

باب پندرهون

عيسائي مذهب جو واڌارو ۽ اوائلي عيسائين جا جذبا، طور طريقا، تعداد ۽ سندن حالتون.

عيسائيت جي واڌري ۽ ان جي قائم ٿيڻ بابت هڪ بيلاڳ پر منطقي اپياس. روم جي شهنشاهت جي تاريخ کي صحيح سمجهڻ لاءِ نهايت مفيد ۽ ضروري آهي. هڪ طرف ان وڏي نظريي کي ڪُلڻي تشدد جو نشانو بنايو ويو يا ان کي آهستي آهستي ختر ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون تہ بي طرف هڪ صاف ۽ نهنائيءَ واري مذهب ماڻهن جي دماغن ۾ گهر ڪرڻ شروع ڪيو جيڪو چُپ چاپ ۽ غير محسوس ٿيندڙ طريقي سان وڏين مخالفت ڪرڻ تي ايا وڏيڪ مضبوط ٿيو ۽ آخرڪار ڪئپيٽول (Capitol) جي بربادين ۾ فتح جي صليبي نشان ذريعي سڄي دنيا آڏو نمايان طريقي سان نروار ٿيو. ائين ٻہ ناهي تہ عيسائيت جو اثر يا ان جو ڦهلاءُ ڪنهن خاص وقت يا فقط روم جي شهنشاهت تائين محدود هيو. تيرهَن يا چوڏهَن صدين جي انقلاب کان پوءِ ٻہ ان مذهب جا پُوڄيندڙ يورپ جي قومن ۾ موجود آهن ۽ انسانذات جي گهٽي ياگي ۾ فن، ڄاڻ، علر توڙي هٿيارن ذريعي سڃاتا وڃن ٿا. يورپي ملڪن جي صنعتي ترقي ۽ سندن مذهبي جوش جذبي سبب، عيسائي مذهب هاڻي ايشيا ۽ آفريڪا جي ڏورانهَن ڏينهن تائين ڦهلجي چڪو آهي ۽ سندن ڪالونين ذريعي ڪٿاڻا ڪان ڇلي تائين مستحڪر ۽ مضبوط ٿي ويو آهي. يعني اهڙن خطن ۾ ٻہ اهو مذهب پهچي ويو آهي جنهن جي قديمي دنيا کي اڳ ڪا خبر ئي ڪانہ هئي.

هي اپياس جيڪو پلي ڪيترو ٻہ فائديمند ۽ دلچسپ هجي، پر هن ۾ ٻہ خاص مشڪلاتون آهن: هڪ تہ ڪليسا جي تاريخ بابت هٿ آيل ٽورڙو ۽ مشڪوڪ مواد اسانکي ان لائق نٿو بنائي تہ چرچ جي پهرئين دؤر بابت اُن جي مڪمل آيل ڪارن ڪرن کي هٿائي ان جو چٽو چهرو ڏسي سگهون. ساڳي وقت انصاف ۽ غير جانبداريءَ جو عظيم قانون اسان کي ان ڳالهہ جو پابند ٿو ٻڌائي تہ انجيل مقدس يا حضرت عيسيٰ (ع.س) جي تعليمات بابت جيڪي ڪوڪلن استادن ۽ عقيدتمندن جون اوٽايون آهن تہ اُنهن کي وائکو ڪجي ڇو تہ سندن ڪوتاهين مان هڪ عام مشاهدي کندڙ کي ٻہ ائين لڳندو تہ ان مذهب سان، جنهن جا هو دعويدار رهيا آهن، خود سندن ئي سڃائي ۽ خلوص ٻہ مشڪوڪ نظر ايندو. پر هڪ ظاهري طرح پارسا عيسائيءَ جي بدنامي توڙي هڪ بي دين ماڻهوءَ جي فريب واري نيڪنامي' ٻنهي جي ان وقت ڪابہ حيثيت نٿي رهي جڏهن اها صاف حقيقت سامهون اچي تي تہ ڪنهن جي ذريعي ۽ ڪنهن تي ربي اِلهام نازل ٿيو هو. هڪ ديني عالر مذهب جي باري ۾ جلد ٻڌائيندو تہ اهو سنئون سِڌو بهشت مان پنهنجي صاف ۽ نج روحاني طريقي سان زمين تي لٿو هو. پر هڪ تاريخدان جو ڪر ايترو سئولو ناهي. اُهو مذهب ۾ لازمي طور تي ڪوڙ سارين غلطين ۽ بدعنوانين کي ڳرلي لهندو جيڪي زمين تي لهڻ ۽ اُتي تمام وڏو عرصو رهڻ ڪري انساني نسل جي اخلاقي بگاڙ سبب ان ۾ داخل ٿي چڪيون آهن.

اسان جي اندر جي هوڙا ڪورا اهو ضرور ڄاڻڻ چاهيندي تہ آخر اُهي ڪهڙا سبب هٿا جن جي ڪري عيسائي مذهبَ دنيا جي بين مڃيل مذهبن جي پيٽ ۾ ايترو ڪامياب ۽ ڪامران رهيو. هن جُستجو واري سوال جو واضح ۽ اطمينان بخش جواب آسانيءَ سان ڏئي سگهجي ٿو: تہ اها ڪاميابي دراصل ان فلسفي يا اصول جي مڃڻ ۽ قبول

ڪڍ جهڙي شاهديءَ جي ڪاميابي هئي يا هين لنظن ۾ ان فلسفي جي عظيم مصنف جي دانشمندي ۽ عظمت جي فتح هئي. ۾ جيئن ته هن دنيا ۾ سچ ۽ دليل کي مڃتا ڪجهه ڏکي ملندي آهي ۽ قدرت جي ڏاهپ گهٽو ڪري انساني جذبن جي قدردان هوندي آهي ۽ پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ انساني حالتن جو جائزو به وٺندي آهي ته ان صورتحال ۾ اسان نهايت ئي نماڻائي ۽ نهٺائيءَ سان جيڪر اهو معلوم ڪريون ته عيسائي ڪليسا جي ٿرت ترقيءَ جا پهريان نه پر ٻيا ۽ ننڍا ڪاوڙ کڻڻا هئا. معلوم ڪرڻ سان خبر پوَندي ته هيٺيان پنج سبب بيحد اهم ۽ اثرائتا هيا: (I) غير لچڪيدار يا ايجا به اسان ائين ڪٽي چئون ته عيسائين جو اڻ سهپ وارو مذهبي جوش جذبو. جيڪو اُنهن بلاشڪ يهودين جي مذهب مان اختيار ڪيو هو ۾ جيڪو ايجا به وڏيڪ تنگ نظريءَ ۽ غير دوستاڻن روَين طرف هليو ويو هو جنهن سبب اُنهن غير يهودين کي دعوت ڏيڻ بدران ويتر کين حضرت موسيٰ (ع.س) جي مذهب کي اختيار ڪرڻ کان ڏيڃاري ڇڏيو هو (II) .ايندڙ وقت جي زندگيءَ جو فلسفو جنهن کي وقت جي حالتن ۽ ضرورتن وڏيڪ نَواڻ ڏني هئي ۽ هن اهم سَڃ کي وڏيڪ طاقتور بنايو هو. (III) اوائلي ڪليسا جا معجزاتي اختيار. (IV) عيسائين جا نِيڃَ ۽ سادگيءَ وارا طور طريقا (V) .عيسائي عقيدن ۽ جمهوريه جو ايڪي نظر ۽ ضبط جنهن سبب روم جي شهنشاهت جي وچ ۾ اُنهن هڪ آزاد، خودمختيار ۽ وڏندڙ ملڪ ٺاهي ورتو هو.

1. اسان اڳ ۾ ئي قديمي دنيا جي مذهبي رواداريءَ جي ڇڳائين بابت اوهان کي ٻڌايو آهي ته ڪيئن نه مختلف ۽ ظاهري طرح سخت مخالف قومون به هڪٻئي جي وهمن وسوسن ۽ مذهبي عقيدن جو احترام ڪنديون هيون. مختلف عقيدو رکندڙ هڪ اڪيلو ماڻهو به انسانذات جي هجوم ۾ شامل ٿيڻ کان انڪارڪري ڇڏيندو هو. يهودي، جن اسيريَن ۽ فارسين جي موروثي شهنشاهتن ۾ ڪيترن زمانن تائين غلاميءَ جي زندگي ۾ طرح طرح جا عذاب سَٺا هئا، [1] سڪندر اعظم جي جانشينيءَ جي دؤر ۾ گمنامي مان جاڳي اٿيا ۽ جيئن اُهي اوير جي ملڪن ۾ وڌيا ۽ ٻڌا ۾ اولهه جي خطن ۾ پڻ اُپريا ته اُنهن اسانجي قومن جي حيرت کي وڌايو ۽ پاڻ ڏانهن سيني جو توَجهه ڇڪرايو. [2] سخت بيزاري ۽ ناراضگي واري هوڏَ سان هنن پنهنجين خاص رسمن ۽ غير دوستانه طريقن کي جاري رکيو جن ذريعي هُو انسانن جي قطار ۾ نه رڳو انوکا نظر اچڻ لڳا پر وڏي دليري ۽ دادا گيريءَ مان انسانذات سان پنهنجي سخت نفرت جو ڪُليو ڪلايو اظهار ڪرڻ لڳا. [3] ائنٽيوڪَس* جو تشدد، هيراڊ + جو ظالماڻو روَيو يا وري هرڏاڏو قسر جون قومون به يهودين کي يونان جي شاندار ڏندڪٿائُن کي [4] حضرت موسيٰ (ع.س) جي تعليم يا ادارن سان ملائڻ ۾ هرگز ڪامياب نه ٿي سگهيون. سهپ يا برداشت جي آفاقي اُصولن موجب، روم جي ماڻهن اُنهن قدرن يا وهمن وسوسن کي محفوظ ڪري ڇڏيو هو جن کي هو ڏِکارينڊا هئا. [5] آگسٽَس جهڙي سُلجهيل شهنشاهه مهرباني ڪري حڪم ڏنو ته سندس بهبود ۽ بهتريءَ لاءِ جيرو سلر جي مندرَ ۾ قربانيون ڏنيون وڃن. [6] جڏهن ته حضرت ابراهيم (ع.س) جا تمام ننڍي مرتبي جا پوئلڳ پي، جيڪي پڻ ڪٽيٽول ۾ جو پيٽر ديوتا وٽ ساڳيو عقيدت جو نذرانو وڃي پيش ڪن ها، پر اهو ڪر يقيني طور تي حضرت ابراهيم (ع.س) توڙي سندس نظرياتي پائرن لاءِ نفرت جوڳو عمل هجي ها. پر فاتحن جي بهتر روَين جي باوجود به سندن رعيت جي ماڻهن جو حسد ۽ ڪدورتون منجي نه سگهيون ۽ نه اُنهن ۾ ڪا بهتري آئي جيڪي لادينيت يا دهريَت جي نشانين ظاهر ٿيڻ شرط ٿي ڇڪي ۽ محتاط ٿي ويا جن روم جي سرحدن ۽

The early growth of Christianity

صوبن ۾ پنهنجو تعارف ڪرايو. [7] جيروسلم جي مندر ۾ پنهنجي مجسمي رکرائڻ جي حماقت ڪرڻ تي ڪئليگولا جي سخت مخالفت ڪئي وئي ۽ سيني ماڻهن گڏجي فيصلو ڪيو ته هو شايد موت ته قبول ڪندا پر هِن بُت پرستي ۽ مندر جي بيحُرمتيءَ کي هرگز قبول نه ڪندا. [8] جيترا هو حضرت موسيٰ (ع.س) جي تعليمات سان روحاني طرح لاڳاپيل هيا ته اوترائي وري ڏارين مذهبن کان نفرت ڪندڙ پڙ هيا، جوش ۽ عقيدت جو وهڪرو جيئن ته هڪ سوڙهي لنگهَ ڪان گذري رهيو هو ته ان جي گذرڻ ۾ گهٽي طاقت لڳي رهي هئي ۽ ڪڏهن وري ان وهڪري کي ڪاوڙ ۽ غصي مان گذارڻو پئجي رهيو هو.

اهڙي غير لچڪيدار ثابت قدمي، جيڪا قديمي دنيا جي لاءِ نه رڳو ڪِلّ جهڙي پر نفرت جوگي هئي، خطرناڪ صورتحال وڻي وڃي ٿي جو ته قدرت طرفان اسانکي ڪجهه خاص ۽ چوندڙ ماڻهن بابت مخفي رازن جي ڄاڻ ڏني وڃي ٿي. پر بيحد مذهبي ۽ انتهائي مهذب ماڻهو جن جو تعلق حضرت موسيٰ (ع.س) جي مذهب سان هيو ۽ جيڪي يهودين ۾ تمام نمايان حيثيت رکندڙ هيا ۽ هي مندر هيڪ رهندا هيا، تڏهن بيحد اچرج ۾ لڳي جڏهن اُنهن جي روَين جي پيٽ سنڊن اڳين اَبن-ڏاڏن جي هٿيلي انڪار واري بي اعتقاديءَ سان ڪجي ٿي. جڏهن طوربينا جبل جي گجگوڙن ۾ ماڻهن کي قانون ۽ اصولن جو درس ڏنو ويو: جڏهن اسرائيل جي ماڻهن جي سهولت لاءِ سمنڊ جو ويرن ۽ ستارن جي گردش کي روڪيو ويو هو ۽ جڏهن وقتي انعامَ ۽ سزائون سنڊن نيڪي يا نافرمانيءَ جو نتيجو هوندیون هيون: اُهي سڀائين پنهنجي ازلي معبود جي شانَ خلاف فتنو ۽ فساد برپا ڪري ڇڏيندا هئا ۽ پنهنجي خالق جي پاڪ جڳهه تي مختلف قومن جا بُتَ رکي ايندا هئا ۽ هر عجيب و غريب تقريب جو نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا جيڪا عربن جي تَنبُن يا فونيشيا جي شهرن ۾ ملهائي ويندي هئي. [9] جيئن ته جنت جي حفاظت هڪ احسان فراموش قوم کان واپس ورتي وئي هئي ته اُنهن جو عقيدو هاڻي وڌيڪ جڏبن ۽ نِڄ هٿڙ جو روپ وٺي ويو. حضرت موسيٰ (ع.س) ۽ سندس پوئلڳ جوشيا جي همعصرن، بغير ڪنهن غور ڪرڻ جي، حيرت انگيز معجزا ڏٺا هئا. انهن معجزن ۾ اعتقاد، پوئين دؤر جي يهودين کي، مٽن مصيبتن اڇڻ تي پي، بُت پرستيءَ جي وَبا ۾ مبتلا ٿيڻ کان کين بچائي ورتو آهي ۽ انساني ذهن جي هر اصول جي ابتڙ سنڊن عقيدو هو ته جيڪي نمايان ۽ نالیوارا ماڻهو هيا، اُهي، سنڊن عقل ۽ فهم جي پيٽ ۾، پنهنجن اَبن-ڏاڏن جي ريتُن ۽ رسمن کي قبول ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهندا هيا. [10]

يهودين جو مذهب سنڊن بچاءُ لاءِ نهايت ئي موزون هو پر اُهو سوين حاصل ڪرڻ لاءِ ڪارگر نه هو جو ته سنڊن دين اختيار ڪرڻ وارن جي پيٽ ۾ منجهن مُرتدن جو تعداد وڌيڪ هو. فطري قانون ۽ حڪم لاڳو ٿيندا هيا ۽ ڪنهن به هڪ ڪٽنب ۾ طوهَر جهڙي انوکي رسم کي به لاڳو ڪيو ويندو هو. جڏهن حضرت ابراهيم (ع.س) جا پوئلڳ سمنڊ جي واريءَ جيان سڄي دنيا ۾ وڃائجي ويا، ته اُن معبود، جنهن کان کين سنڊن رهڻي ڪهڻي، ريتن ۽ رسمن جا قانون ۽ اُصول ملیا، کي اسرائيل جو قومي رب تسليم ڪيو ويو جنهن وڏي احتياط سان پنهنجن خاص ماڻهن کي، سڄي انسانذات کان ڌار ڪري ڇڏيو. ڪنعان جي خطي جي فتح ۾ ڪافي رتو ڇاڻ ٿي ۽ هن سلسلي ۾ ٻيا ڪيترا اهڙا عنصر شامل ٿي ويا جن جي ڪري سوچ حاصل ڪندڙ يهودي پنهنجن سيني پاڙيسرين سان دائمي دشمنيءَ جي حالت ۾ رهيا. کين حڪم ڏنو ويو هو ته اُنهن قبيلن کي، جيڪي بت پرستيءَ ۾ گهٽا ٻڏي ويا هيا،

بلڪل تباهه ڪري سندن نالو نشان ئي مٽايو وڃي ۽ ربي حڪمن جي تعميل ڪرڻ کي، انسانن جي ڪمزورين جي باوجود، شايد ئي ڪڏهن وساريو ويو هجي يا اُنهن حڪمن کي نه مڃيو ويو هجي. هين قومن جي ماڻهن سان شاديون رچائڻ يا اتحاد ڪرڻ جي به کين منع ڪيل هئي، ان کانسواءِ ڏارين کي پنهنجن ميلن، ميڙن يا گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻ به نه ڏنو ويندو هو. ان حد تائين جو اهو سلسلو ٽِين، ستين ۽ ڪڏهن ته ڏهين پيڑهيءَ تائين به هليو ويندو هو. اهو هروپرو سندن مذهبي قانون جو پابنديءَ وارو نقطو ڪونه هو ته هو غير يهودين ۾ حضرت موسيٰ (ع.س) جي تعليم جو پرچار يا تبليغ ڪن ۽ نه وري يهودي ان تبليغ ڪرڻ کي پنهنجو فرض سمجهندا هئا يا پاڻ کي ان ڏيوتيءَ جو پابند سمجهندا هيا ۽ نه وري اها ڏيوتي کين سوڀيي وئي هئي. نوَن شهرين کي پاڻ وٽ داخل ڪرڻ وقت، اهي بي ٽُڪا ۽ بي سُرا ماڻهو روم وارن جي فراخ دليءَ جي روايتن جي بجاءِ يونانين جي قُوند ۽ وڏائيءَ جي رسمن ڏانهن وڌيڪ مائل هئا. حضرت ابراهيم (ع.س) جا پوئلڳ ان ڳالهه تي ناز ڪندا هئا ته فقط اُهي ئي "ازلي اقرار نامي" (Covenant) جا وارث هيا. ۽ کين سدائين اهو ڊَپ رهندو هو ته متان هو ان عظيم ورثي کان محروم ٿي وڃن. انڪري هو غيرن ۽ ڏارين سان ان موضوع تي گفتگو ڪرڻ کان به لنوائيندا رهندا هيا. انسانذات سان سندن واقفيت سبب سندن علم ۽ چاڻ ۾ ته اضافو ٿيو مگر اُنهن جون ڪدورتون پوءِ به دور نه ٿي سگهيون ۽ جڏهن به اسرائيل جي خدا کي نوان ويساهه ڪرڻ وارا ملندا ويا ته اُهو پنهنجن پوئلڳن جي جوشيلي جذبي کان وڌيڪ گهٽن خدائن کي مڃڻ وارن جي حماقتن جو زياده احسانمند رهندو هو. [11] حضرت موسيٰ (ع.س) جو مذهب لڳي ٿو ته ڪنهن هڪ ملڪ ۽ هڪ قوم لاءِ قائر ڪيو ويو هو ۽ جيڪڏهن ان حڪر کي ته: هر مرد کي سال ۾ ٽي دفعا الله تعاليٰ جي اڳيان پيش ڪيو ويندو- ان صورت ۾ يهودين لاءِ پوءِ "واعدي ٿيل زمين" [12] جي محدود سرحدن کان اڳتي وڌڻ ۽ پکڙجڻ يقيني طور تي ناممڪن ٿي پوي ها. اها رُڪاوٽ بهرحال جيروسلم جي مندر جي تباهه ٿيڻ کانپوءِ خودبخود هٽي وئي، ۽ يهودي مذهب گهٽي قدر ان جي تباهيءَ جو ذميوار هيو. ۽ جيڪي مُنڪر ۽ لامذهب هيا اُنهن کي هڪ پاڪ جڳهه جي خالي هڻڻ تي تعجب ٿيندو هو [13] ۽ اهو ڏسي حيرت ۾ پئجي ويندا هيا ته ان عبادت جو ڪهڙو مطلب ۽ ڪهڙو فائدو ٿي سگهي ٿو جنهن ۾ نه ته مندر هيا نه قربان گاهون، نه جنهن ۾ پادري هيا ۽ نه وري قربانين جي رسر هئي. ان جي باوجود، پنهنجي تباهه ٿيل ملڪ ۾ پي، يهودي پنهنجن مٺاهن حقن ۽ رعايتن جو پورو فائدو وٺي رهيا هيا ۽ ڏارين کي پنهنجو بنائڻ بدران کين ڏاڪارڻ لڳا. اُنهن ايا تائين، پنهنجن روَين ۾ ڪنهن به نرمي آڻڻ جي بجاءِ، اُنهيءَ قانون تي سختيءَ سان عمل ڪرائڻ ٿي گهريو. جنهن تي فقط کين ئي عمل ڪرڻو هو. سندن عقيدي مطابق اُنهن جا ڏينهَن، حلال گوشت ۽ ٻيون مختلف نديبون مذهبي رسمون، ٻين ماڻهن ۽ قومن لاءِ ايتريون ته اٽڪيون ۽ عجيب هيون جن اُنهن کي تڪليف ٿي پهچائي ۽ جيڪي وري ڏارين جي عادتن ۽ مذهبي روايتن جي بلڪل اُبتڙ هيون. ٻيو ته ڏهيو ۾ طوهر جي سُور ڏيندڙ ۽ خطرناڪ هڪڙي رسر ئي اهڙي هئي جيڪا نئين مذهب اختيار ڪندڙن کي پري پڇائڻ لاءِ ۽ کين يهودين جي عبادتگاهه ڪان پري رکڻ لاءِ ڪافي هئي. [14]

هنن حالتن ۾، جيڪي مٿي بيان ڪيون ويون آهن، عيسائيت پاڻ کي دنيا جي آڏو پيش ڪيو. جنهن کي حضرت موسيٰ (ع.س) جي مذهبي ضابطي جي پٽيرائي ته حاصل هئي ۾ ساڳي وقت سندن مذهب جي زنجيرن ۽ ٻيڙين

جي بارَ کان آجي ٿي چڪي هئي. مذهب جي سچّ ۽ ربُ العالمين جي وحدانيت کي نئين مذهب ۾ اهڙي طرح سمايو ويو هو جيئن قديمي سرشتي ۾ اڳ موجود هو ۽ فطرت يا ان "لازوال ابدي وجود متعلق جيڪو ڪجهه ماڻهن کي هاڻي ٻڌايو ٿي ويو ته ان مطابق ماڻهن جي دلين ۾ الله تعالىٰ جي ازلي ۽ ابدي ڳجهه لاءِ وڌيڪ احترام ۽ عقيدو پيدا ٿي ويو. ڪمال اهو هو ته عيسائيت جي بنيادن کي مضبوط ڪرڻ ۾ حضرت موسىٰ (ع.س) ۽ ٻين پيغمبرن جي روحاني ۽ خدا پاڪ طرفان عطا ڪيل اختيارن جو وڏو حٿ هو. هن دنيا جي شروعات کان وٺي هڪ مسيحا جي آمد بابت پيشنگوين جو هڪ لڳاتار سلسلو هلندو ٿي آيو ۽ ماڻهو بيچينيءَ مان ان جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هيا، جيڪو يهودين جي يقيني خدشن موجب، سندس سڃاڻپ هڪ پيغمبر، هڪ شهيد ۽ الله جي پُٽ جي پيٽ ۾ هڪ بادشاهه ۽ هڪ فاتحَ واري وڏيڪ هوندي. سندس عظيم قرباني ڏيڻ سبب ٻيون اٽيوريون ۽ مندرن جون ننڍيون قربانيون خودبخود بند ۽ ختر ٿي ويون. هڪ رسمي ۽ روايتي قانون جي جڳهَ نئين ۽ روحاني عبادت اچي ورتي جيڪا هر موقعي ۽ مناسبت تورِي ماڻهن جي هر حالت سان پوريءَ طرح نڀڪي ٿي آئي ۽ ڪنهن به سئي ڳالهه جي شروعات هاڻي رَت جي بجاءِ بي ضرر طريقي يعني پاڻيءَ سان ڪئي ٿي ويئي. خدائي مهربانيون ۽ انعامَ، فقط حضرت ابراهيم (ع.س) جي اولاد ۽ پوئلڳن تائين محدود نه رهيا هيا پر هاڻي اُهي سيني کي هڪ جهڙائي سان آڇيا ويا هيا: پوءِ چاهي اُهو آزاد انسان هجي يا غلام، يوناني هجي تورِي بربر، ۽ يهودي هجي تورِي غير يهودي قوم سان تعلق رکندڙ هجي، هر هڪ کي ساڳي مهربانيءَ جي نظَر سان ڏٺو ٿي ويو. هر اهو حق يا فائدو جيڪو ڪنهن نئين مذهب اختيار ڪندڙ کي زمين کان ڪٿي جنت تائين پهچائي ٿي سگهيو ۽ سندس عقيدي کي مٽاهون ڪري ٿي سگهيو، ڪيس خوشين جا خزانا آڇي ٿي سگهيو. يا ان ڪِل فخر جي احساس کي مطمئن ڪري ٿي سگهيو جيڪو پاڻ اريندڙ جذبي سبب دل ۾ گهر ڪندو آهي ۽ جيڪو عيسائي ڪليسا جي ميمبرن لاءِ مخصوص هيو. ۽ ساڳي وقت پوري انسانذات کي نه رڳو اجازت هئي پر ڪين عام دعوت هئي ته ان اعليٰ اعزاز کي قبول ڪن جيڪو ڪنهن مهرباني طور نه پر جنهن کي انسانن جي پلائيءَ لاءِ لازمي طور تي لاڳو ڪيو ويو هو. نئين مذهب اختيار ڪندڙ ماڻهن تي ڇڻ اهو فرض ٿي ويو ته اُهي ان عظيم احسان ۽ انعامَ جي دولت ملڻ جو پرچار پنهنجن عزيزن ۽ دوستن ۾ وڏي جوش جذبي سان ڪن ۽ اُنهن کي تنبيهه به ڪن جيڪي ان نعمت کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪن ۽ ڪين ٻڌائين ته سندن انڪار واري نافرمانيءَ تي ڪين سزا ڏني ويندي ڇو ته اُها ان ٻاجهاري ۽ قادر مطلق هستيءَ جي نافرماني هوندي.

يهودين جي عبادتگاهه مان گرجا جي آزادي ۽ خود مختياري تائين ڪجهه وقت به گهڻيل هو ته ڪجهه مشڪلاتون به هيون. يهودي مذهب تبديل ڪري عيسائيت اختيار ڪرڻ وارن حضرت عيسىٰ (ع.س) کي مسيحا طور ته مڃيو ٿي ڇو ته اهو اڳواڻ ٿي سندن قديمي پيشنگوين ۾ لکيل هو ڪيس اخلاقيات ۽ مذهب جي پيغمبري رتبي رکڻ واري استاد طور تسليم ڪندا هئا: پر اُهي پنهنجون ثقافتي ريتون رسمون ۽ رواج هر صورت ۾ پنهنجن ابن ڏاڏن وارا اختيار ڪندا رهيا، نه رڳو ايترو پر اُهي غير يهودين تي به زور پريندا هيا ته اُهي به سندن ٿي ريتون رسمون اختيار ڪن جيڪي گهڻي تعداد ۾ نئين مذهب طرف وڃي رهيا هيا. يهودي نُما نوان عيسائي اڃا به حضرت موسىٰ (ع.س) جي قانون ۽ انجي خدائي اصليت طرف نه رڳو مائل هيا پر ان جا مداح به هيا ڇو ته ان قانون

جي مصنف جي عظمت ۽ وڏائي آڏ مِٽ هئي جنهن ۾ ڪابه تبديلي نه آئي هئي. سندن چوڻ هو ته اُن ازلي ۽ ابدي هستي جيڪا هر زماني ۾ اُها ساڳي ۽ دائمي هئي، جيڪڏهن اُنهيءَ مقدس رسمن کي مِٽائڻ گهربو هو جن ذريعي سندس خاص بندن کي ٻين کان جدا ۽ نروار ڪري سگهبو آهي ته پوءِ اهڙين رسمن کي ختم ڪرڻ بہ اُنهن کي لاڳو ڪرڻ جيترو ئي اهر ۽ صاف هوندو: يعني بجاءِ بار بار اعلان جي، ته حضرت موسيٰ (ع.س) جو قانون دائمي آهي ته پوءِ پي جڻ اهو اڳوات طئي ٿيل مَتو يا اصول فقط تيستائين ڪارآمد هجي ها جيستائين مسيحا جي آمد ٿي وڃي ها جو ته اُهو ئي انسانذات کي دين، عقيدي ۽ عبادت بابت مڪمل هدايتون جاري ڪري ها: [15] ته مسيحا خود پاڻ ۽ سندس پوئلڳ جن ساڻس زمين تي گفتگو ڪئي هئي، ته اُهي حضرت موسيٰ (ع.س) جي قانون جي پيچيدگين بابت پنهنجن مثالن ذريعي اختيار ڏيڻ لاءِ [16]، اُنهن مدي خارج ۽ بيڪار رسمن کي ختم ڪرڻ جو ڪليو اعلان ڪري سڄي دنيا کي ٻڌائي ها جنهن ۾ عيسائيت کي بہ ايتري ڪوفت نہ پهچي ها جيڪا ڪيترن سالن تائين نا معلوم ۽ يهودين جي ڪليسا جي مختلف فرقن ۾ منجهيل ۽ پٽڪيل رهي. هن قسر جا دليل حضرت موسيٰ (ع.س) جي ختم ٿيل قانون جي حفاظت ۽ پنيرائي ڪرڻ لاءِ ڏنا ويا آهن پر اسانجا جيڪي عالم ۽ روحاني پيشوا آهن اُنهن بہ پراڻي عهدنامي (Old Testament) جي زبانَ شڪ واري بنائي ڇڏي آهي جنهن ۾ حوارين جو طور طريقو بہ ڪافي مشڪوڪ نظر اچي ٿو. اهو بهتر ٿئي ها ته انجيل مقدس جي سرشتي کي آهستي آهستي ماڻهن ۾ داخل ڪجي ها ۽ اُنهن يهودين کي جن عيسائيت ۾ اعتماد ڪرڻ شروع ڪيو هو، سندن لاڙن ۽ تعصبن بابت تنبيهہ بہ ڪجي ها ۽ ڪجهہ سمجهائجي بہ ها ته ان ۾ انتهائي احتياط ۽ نرم مزاجيءَ جي ضرورت هئي.

جيروسلم جي چرچ جي تاريخ اهڙن احتياطن جي ضرورت جو واضح ثبوت آهي ۽ ساڳي وقت ان حقيقت جو پي ته يهودين جي مذهب جو سندن پوئلڳن ۽ مريدن تي ڪيڏو نہ گهرو ۽ زبردست اثر هو. جيروسلم جا پهريان پندرهن پادري يهودي هيا ۽ اُنهن سيني جو طوهر ٿيل هيو ۽ ماڻهن جي جنهن ميڙ جي هو رهبري ڪندا هئا، سي حضرت موسيٰ (ع.س) جي قانون کي حضرت عيسيٰ (ع.س) جي اصولن يا فلسفي سان وڃي ملائيندا هيا. [17] اهو عين فطري هو ته ڪليسا جا اوائلي ۽ پراڻا ضابطا جيڪي حضرت عيسيٰ (ع.س) جي وفات کان فقط چاليهہ ڏينهن پوءِ وجود ۾ آيا هيا ۽ جن کي ڪيترن سالن تائين سندس حوارين پنهنجي اثر هيٺ رکيو هو، اُنهن ضابطن کي ئي عيسائي ڪٽرپڻي جو معيار سمجهيو ويو. [18] جيڪي ڪليسائون پرانهن پنڌن تي هيون اُنهن پنهنجي محترم پيشوا جي اختيارن کي بار بار منڻون ٿي ڪيون پر اُنهن کي جهجهي انداز ۽ فراخ دليءَ مان خيرات ڏئي خاموش ۽ مطمئن ڪيو ٿي ويو. پر جڏهن شهنشاهت جي وڏن شهرن ۾ تمام گهٽيون ۽ دولتمند سوسائيٽون قائر ٿي ويون، جيئن انٽئڪ، اليگزئندريا، اينيئس، ڪورنٿ ۽ روم وغيره ۾ ته جيڪو احترام جيروسلم جي لاءِ عيسائي ڪالونين ۾ اڄ هوندو هيو، اُهو آهستي آهستي گهٽبو ويو. جن يهودين مذهب مٽايو هو جن کي بعد ۾ نزارينس جي نالي سان ڪوليو ويو ۽ جن ڪليسا جي بنياد رکڻ ۾ اهر ڪردار ادا ڪيو هو، اُنهن بيشمار ماڻهن جي هجومن ۽ انبوهن کان پاڻ کي ڪمزور سمجهڻ شروع ڪيو، جن جو تعلق مختلف مذهبن سان هو ۽ جيڪي هاڻي حضرت عيسيٰ (ع.س) جي جهنڊي هيٺان جمع ٿيڻ شروع ٿي ويا هيا، ۽ جيڪي غير يهودي هيا اُنهن پنهنجي خاص حواريءَ جي اجازت سان، حضرت موسيٰ

(ع.س) جي برداشت ڪرڻ کان ٻاهر رسمن رواجن ۽ ريتن کي ٻنهه رد ڪري ڇڏيو هو. ته ساڳي وقت پنهنجن مناسب ۽ معتدل پائرن کي به اُنهن ڳالهين کي برداشت ڪرڻ کان آخرڪار انڪار ڪري ڇڏيو جن کي هنن پنهنجي لاءِ عمل ڪرڻ ۽ آخري حدّ طور اختيار ڪيون هيون. شهر توڙي يهودين جي عام ماڻهن جي مندرن جي تباهه ٿيڻ کي نزارينس تمام ڏڪ سان محسوس ڪيو هو پر ته مذهبي لحاظ سان نه پر روايتي طور اُهي پنهنجن ملڪ جي ٻي دين ۽ ٻگوڙيل ماڻهن سان به ايترا ته ويجهائيءَ ۽ گهاٽن رشتن سان ڳنڊيل هيا جو لامذهب ماڻهن توڙي عيسائين پنهنجين تڪليفن ۽ سُورن کي ان عظيم معبود جي نفرت يا وري ان جي سخت ڪاوڙ جو نتيجو ئي سمجهيو. نزارينس جيروسلم جي تباهين مان لڏي ويا ۽ اُردن کان ٻورو پرپرو پيلا جو ننڍو شهر وڃي وسايائون جتي هڪ قديم ڪليسا سڀ سالن کان وڌي اڪيلائي ۽ نامعلومي جو شڪار ٿي ماڻهن کان وسري وئي هئي. [19] ان جي باوجود ماڻهو اطمينان سان ان پاڪ شهرَ ۾ عقيدت منجهان گهمڻ ويندا هئا ۽ اها اُميد رکي هيائون ته هڪ ڏينهن اهو شهر وري پنهنجو وڃايل مقام ماڻيندو ڇو ته کين فطرت توڙي مذهب ان مقدس شهر جي عزت ۽ احترام ڪرڻ سيکاريو هو. پر آخر ڪار، هٽدرين جي حڪومت ۾، يهودين جي مذهبي ڪٽرپڻي سندن تڪليفن ۽ عذابن کي وڌائي ڇڏيو ۽ رومين، سندن لڳاتار فتنن ۽ فسادن کان تنگ اچي نيٺ پنهنجو سختيءَ وارو ردِ عمل ظاهر ڪري مٽن فتح ماڻڻ جو سوچيو. بادشاهه، شيَن جبل [20] تي ايليا ڪئپيٽولينا جي نالي سان هڪ نئون شهر تعمير ڪرايو جنهن کي هن ڪالونيءَ جا حقَ ڏئي ڇڏيا ۽ يهودين لاءِ سخت سزائن جو ڪليو اعلان ڪرايائين يعني ڪنهن به يهودي جيڪڏهن سندن سرحدن ۾ اچڻ يا داخل ٿيڻ جي جرئت ڪئي ته ان کي مثالي سزا ڏني ويندي. هن سلسلي ۾ هن تمام هوشيار ۽ صحت مند فوجي مقرر ڪيا ته جيئن سندس حڪمن جي تعميلڪن ۽ سرحدن تي ڪڙي نظر رکن. نزارينس وٽ هاڻي قتل کان بچڻ جو فقط هڪڙوئي رستو هو ۽ هن موقعي تي سچ جي طاقت عارضي فائدن کان متاثر ٿي رهي هئي. هنن مارڪس کي پنهنجو پادري چونديو جيڪو غير يهودين جو سردار هو ۽ گهٽو ڪري اتلي جو يا ڪنهن لاطيني صوبي جو رهاڪو هو. سندس اثر رسوخ جي ڪري، گذ ٿيل هجوم جي اڪثريت حضرت موسيٰ (ع.س) جي قانون کي ڇڏڻ جو اعلان ڪيو. جنهن تي گهٽ ۾ گهٽ هڪ صديءَ تائين هنن عمل ڪيو هو. پنهنجين عادتن ۽ ريتن رسمن جي قرباني ڏيڻ شرط ئي کين هٽدرئن جي ڪالونيءَ ۾ داخلا ملي وئي ۽ ان ڪانسواءِ هاڻي هو ڪئپٽولڪ ڪليسا سان [21] ڪُليو ڪلايو وابسته ٿي ويا.

جڏهن جيروسلم جي ڪليسا جي نالي توڙي سندس وقار کي شِيَن جبل کي سؤنپيو ويو ته لادينيت يا مذهبي فرقيبندي جي ڏوهن جي تهمت باقي بچيل ۽ غير اهر نزارينس تي مڙهي وئي جن پنهنجي لاطيني پادريءَ سان گڏجي وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. سندن گهرَ گهاٽ ايا تائين پيلا ۾ هيا ۽ جن پاڻ کي دمشق جي پر وارن ڳوٺن ۾ ڦهلائي ڇڏيو هو ۽ بيرئا جي شهر ۾ هنن هڪ ننڍي ڪليسا به قائم ڪري ڇڏي جنهن تي هاڻي اَليپو جو نالو پٽجي ويو آهي ۽ اُهو شهر شام ۾ آهي. [22] عيسائي يهودين لاءِ نزارينس جي نالي کي احترام سان ورتو ويندو هو جن ته پنهنجي عقل جي ڪوتاهي ۽ ظاهري حالتن سبب ايبونائيٽس [23] جهڙو حقارت وارو لقب پٽجي ويو. جيروسلم جي ڪليسا جي واپسيءَ کان ٻورڙوئي پوءِ، اُنهن ماڻهن جي سلسلي ۾ هڪ ڳالهه مشڪوڪ ۽ فتني گاڏڙ ٿي پئي ته اُهي هڪ طرف حضرت عيسيٰ (ع.س) کي مسيحا به مڃيندا هئا ته ٻي طرف وري حضرت موسيٰ (ع.س) جي مذهبي ضابطن، قانونن

۽ رسمن رواجن کي باقاعدگيءَ سان اختيار ڪيون ٿي آيا، تہ ڇا اهڙن ماڻهن کي بخشش ۽ ڇوٽڪاري جي اُميد ايجا بہ هئي؟ جسٽن مارٽر جي انساني ۽ رحم دل طبيعت کيس مجبور ڪيو تہ هو ان سوال جو جواب "ها" ۾ ڏئي ۽ توڙي جو هن پنهنجي راءِ جو اظهار نهايت ئي نرم ۽ حيا واري لهجي ۾ ڏنو ۽ پوءِ پڻ ڪجهہ جرئت جو مظاهرو ڪندي هن پنهنجو فيصلو اُنهن اٺپورن ۽ اڌورن عيسائين جي حق ۾ ڏنو جيڪي ايجا تائين حضرت موسيٰ (ع.س) جي مذهبي ريتن رسمن کي اختيار ڪيون ٿي آيا پر زندگيءَ جي ٻين شعبن ۽ ضرورتن ۾ ساڳين رسمن کي لاڳو ڪرڻ ٿي هرويرو اُنهن زور نٿي پريو. پر جڏهن جسٽن تي ڪليسا جي فيصلي صادر ڪرڻ لاءِ مٿس زور پريو ويو تہ هن ان ڳالهہ جو اعتراف ڪيو تہ بنياد پرست عيسائين منجهان ڪيترائي اهڙا هيا جيڪي يهودي طريقن ۽ ريتن رسمن تي هلڻ وارن پنهنجن عيسائي پائرن کي نہ رڳو نجات يا ڇوٽڪاري جي رحمت کان محروم سمجهندا هيا پر اُهي ساڻن کنهن بہ قسر جي تعلق يا رابطي رکڻ کان بہ منع ڪندا هيا تہ نہ اُنهن سان دوستي رکجي، نہ مهمان نوازيءَ جي رسمن ۾ ساڻن شريڪ ٿجي ۽ نہ وري کنهن سماجي موقعن تي ساڻن کا سنگت ڪجي يا اڃي ويهجي.[24] جيڪي نرم مزاج جا عيسائي هيا اُنهن جي راءِ تي توقع ۽ امڪان مطابق سخت مزاجن ۽ بنياد پرستن جو داهو وڌيڪ پٽجي ويو: جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو حضرت موسيٰ (ع.س) ۽ حضرت عيسيٰ (ع.س) جي پوئلڳن جي وچ ۾ فرق ۽ علحدگيءَ جي هڪ دائمي ديوار قائر ٿي وئي. هن صورتحال ۾ بدقسمت ايبونائيٽس جيڪي هڪ مذهب مان مرتد ٿي نڪتا هيا ۽ هي مان وري لادينيت سبب خارج ٿي چڪا هيا، هاڻي مجبور ٿي هنن نيٽ کو فيصلو ڪري ورتو ۽ توڙي جو چوٽين صدي عيسوي تائين اُنهن جي فرقي جا نشان يا آثار ڪٿي ڪٿي نظر اچن ٿا پر گهٽي ياڳي اُهي آهستي آهستي يا تہ ڪليسا ۾ ضم ٿي ويا يا وري يهودين جي عبادتگاهہ ۾ داخل ٿي اُنهن جو مذهب اختيار ڪيائون.[25]

هڪ طرف مذهبي ڪليسا طرفان، حضرت موسيٰ (ع.س) جي قانون لاءِ انتها واري احترام ۽ ناجائز نفرت جي وچ ۾، هڪ اعتدال پسند روَيو اختيار ڪيو ويو تہ ٻي طرف وري لادينيت طرف مائل ماڻهن غلطين ۽ گناهن جي انتها طرف پنهنجو رُخ اختيار ڪري ڇڏيو. يهودي مذهب جي مجيل حق ۽ سچ کي ڏسندي ايبونائيٽس کي هاڻي پختو يقين ٿي ويو هو تہ اهڙي سچي مذهب کي ڪو بہ ختر نٿو ڪري سگهي. هوڏانهن واري دليل بازن (gnostics) پنهنجن عقيدن جي اٺپورائيءَ سبب تڪڙ ۾ اهو سمجهي ڇڏيو هو. تہ اهو مذهب هرويرو ربي دانشمنديءَ يا رضا سان وجود ۾ نہ آيو هو. حضرت موسيٰ (ع.س) ۽ ٻين پيغمبرن خلاف ماڻهن کي ڪجهہ اعتراض ضرور آهن جيڪي پڻ اُنهن طرفان اُڀاريا ويا هيا جيڪي پاڻ هردم شڪ ۾ مبتلا رهندا آهن ۽ جنهن ۾ اسانجي جهالت جو بہ وڏو عمل دخل آهي جو نہ تہ قديم مذهبن کي پوريءَ طرح سمجهون ٿا ۽ نہ وري قدرتي ۽ روحاني رازن کي پُرجهڻ جي اسان ۾ ڪا اهليت ۽ دانائي آهي.* دليل بازن طرفان هنن اعتراضن کي جائز سمجهي اُنهن تي اُبهرائيءَ مان زور پڻ ڏنو ويو.[26] جيئن تہ اهي بي دين ماڻهو عقل ۽ دليلن جي لطف ماڻڻ کان وانجهيل هيا، انڪري اُنهن پنهنجن سردارن ۽ چڱن مڙسن جي گهٽين شادين، حضرت دائود (ع.س) جي بهادري ۽ حضرت سليمان (ع.س) جي حرم سراءِ جي خلاف ڪُليو ڪليو ڳالهائڻ شروع ڪيو. ڪنعان جي ملڪ جي فتح ۽ معصوم مقامي ماڻهن جي بربادي سندن مشغلو هو ۽ اُنهن کي اها ڳالهہ بنهہ سمجهہ ۾ نٿي آئي تہ انسانيت ۽ انصاف جي گُهرجن سان سهٽي نموني ڪيئن پيش اچجي. پر جڏهن ڪين پنهنجا

خوني ڪارناما ياد آيا جن ۾ رڳو قتل عام، ماٺهن کي مارڻ ۽ سندن سِرَن کي وڍڻ شامل هو جن سان يهودين جي تاريخ جو هر صفحو اڇن ڦهري ڪرتوتن ۽ رتوڇاڻ جي واقعن سان ڳاڙهو نظر ٿو اچي تہ اهڙي وقت ۾ هنن اعتراف ڪيو تہ سندن مقابلي ۾ فلسطين جي بربرن پنهنجن بت پرست دشمنن سان بہ اهڙو ۽ ايترو رحم جو ورتاءُ ڪيو هو جهڙو ۽ جيترو هنن پنهنجن دوستن ۽ ملڪي ماٺهن سان ڪيو هو. [27] قانون جي رکوالن کان خود قانون طرف رخ ڪندي. هنن پنهنجو خيال ظاهر ڪيو تہ اُهو مذهب جنهن ۾ رڳيون خوني قربانيون آهن پر جشن يا رسمون نندڻيون نندڻيون آهن ۽ جنهن ۾ انعام توڙي سزائون بہ جسماني ۽ عارضي آهن تہ اُهو مذهب ماٺهن کي ڇگاين طرف ڪهڙيءَ ريت موڙي سگهي ٿو يا جذبن ۽ اُڌمن جي اُبهرائيءَ تي صبر جي تلقين ڪهڙيءَ ريت ڪري سگهي ٿو. دليل بازن طرفان حضرت موسيٰ (ع.س) جي تخليق جي فلسفي، يا انسان جي پهرئين زوال، تي بي ادبيءَ واريون ٿئوليون ڪيون ويون، ۽ اُهي اها ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ بہ تيار نہ هيا تہ رب العزت ڇهن ڏينهن جي محنت ڪرڻ کانپوءِ خدانخواستہ ٿڪجي پيو هو ۽ آرام ڪرڻ فرمايو هئائين: يا بيبي حوا جو حضرت آدم (ع.س) جي ڪُکِ مان پيدا ٿيڻ يا باغ-عدن جتان نيڪاليءَ کان اڳ حضرت آدم (ع.س) ۽ بيبي حوا رهندا هيا: يا حياتي ۽ علم جا وڻَ ۽ ڳالهائيندڙ نانگ، منع ٿيل ميوو ۽ انسانذات جي روپ ۾ جيڪا اسان جي پهرين اَبن ڏاڏن جي، ان گناهہ لاءِ [28] سندن بيحر متي ڪئي وئي جيڪو بلڪل معاف ڪرڻ جهڙو هو: تہ اهي سڀ ڳالهيون دليل بازن لاءِ ڏکيون ۽ مُنجهائيندڙ هيون. دليل بازن طرفان اسرائيل جي خدا کي بہ بي ادبي جهڙن لقبن سان ماٺهن ۾ مشهور ڪيو ويو تہ هن ۾ بہ جذبا آهن ۽ غلطي بہ ڪري سگهي ٿو، پنهنجي مرضي رکندڙ آهي ۽ اسرائيل جي طرفداري ڪري ٿو، غُصي ۽ ڪاوڙ ۾ بيرحم ٻڌجي وڃي ٿو، پنهنجن وهمن وسوسن واري بندگي جي سلسلي ۾ بہ حسد ڪري ٿو، ۽ سندس پروردگاري ۽ رزاقي بہ هڪ طرفي آهي جيڪا خاص ماٺهن ۽ هن فاني زندگي لاءِ مخصوص آهي. اهڙين وصفن رکندڙ هستيءَ ۾ ڪين ڪابہ اهڙي شئي نظر نہ آئي جنهن سان ڪين اطمينان ٿئي تہ اهو ڪائنات جو داتا يا مڙني انسانن جو محافظ ۽ سنيال لهندڙ هيو. [29] اُهي البت اها ڳالهہ تسليم ڪندا هيا تہ يهودين جو مذهب پوءِ بہ غير يهودين جي بُت پرستيءَ جي ڏوهن کان مقابلي ۾ بهتر هو پر ان هوندي بہ اهو سندن بنيادي نقطو ۽ عقيدو هو تہ حضرت عيسيٰ (ع.س)، جنهن کي هو رب العزت جو پهريون ۽ انتهائي پاڪ ۽ چمڪندڙ وجود سمجهندا هيا، آسمان تان زمين تي فقط هنڪري لٿو هو تہ هو انسانذات کي مختلف غلطين ۽ گناهن کان بچائي ۽ اُنهن کي نجات ڏياري ۽ انسانن تي نئين سڃ ۽ انسانيت جي تڪميل بابت ڪين ڪجهہ ٻڌائي. وڏن اڪابرن ۽ دانائن بہ پاڻ کي ڪجهہ هيئاهون ڪندي دليل بازن جي فلسفي کي بغير سوچڻ سمجهڻ جي مڃي ڇڏيو آهي. توڙي جو اهو بہ سمجهن ٿا تہ ان فلسفي جي معنيٰ ۽ مطلب عقيدي جي هر اصول ۽ دليل جي بلڪل خلاف آهي، پر هو علامتي ۽ تشبيهي پردي جي پٺيان پاڻ هر طرح سان محفوظ آهن جنهن کي هنن حضرت موسيٰ (ع.س) جي ماٺهن ۾ نهايت ئي هوشياريءَ سان پکيڙي ڇڏيو هو. [30]

ڪنهن طرف کان سچ واري نہ پر هڪ ڏهين راءِ جو اظهار ڪيو ويو آهي تہ ڪليسا جي اصليت ۽ تقدس کي، فرقي بندي يا لادينيت ذريعي، تراجن يا هٽلرئن جي حڪومت کان اڳ، يعني حضرت عيسيٰ (ع.س)

---

*مٿي لکيل ڳالهين تي نعوذ باالله چئجي تہ بهتر ٿيندو. سنڌيڪار.

جي وفات کان سؤ سال پوءِ تائين [31] ڪنهن طرفان ۽ ڪڏهن ب، بيحرمتيءَ جو ٻُنهن هرگز نه ڏسڻ ۾ پيو هو. مشاهدي ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت مسيحا جا پوئلڳ ۽ عقيدت مند ديني تورِّي ۾ بين معاملن ۾ بعد واري دؤر جي مقابلي ۾ وڌيڪ آزاد ۽ ڪشاده دل هيا. جيئن ضابطا وڌندا ويا ته پابنديون ب لڳنديون ويون ۽ روحاني اختيارن کي اُنهن ڪجهه سختيءَ سان هلايو جن ۾ اهي اختيار هيا: نتيجي ۾ جيڪي انتهائي عقيدتمند هيا ته اُنهن کي مذهب ڇڏڻ لاءِ اُکسايو ويو. ۽ اُهي پنهنجي ذاتي راءِ جي اظهار لاءِ مجبور ٿي پيا ۽ پنهنجن غلط اصولن تي قائم رهڻ جي نتيجن کي پوڳڻ لاءِ ب تيار ٿي ويا ۽ هاڻي هو ڪليسا جي ايڪي خلاف بغاوت جا جهنڊا کڻي ٻاهر نڪري آيا. دليل بازَ پنهنجي سُٺي اخلاق، علم ۽ دولت هڻڻ ڪري عيسائين ۾ مشهور هئا ۽ اُنهن جي علم ۽ ڄاڻ ۾ برتريءَ سبب کين عالم جو خطاب ب ملي چڪو هو جيڪو يا ته فخر وچان هنن پنهنجي پاڻ کي ڏنو هو يا وري سندن دشمنن جي حسد سببان کين عطا ڪيو ويو هو. اُهي هر حال ۾ ۽ هر سڃاڻپ جي زاويي کان غير يهودي هيا، جن جا اڳواڻ شام يا مصر جا رهاڪو هئا جتان جي گرم آبهوا انساني جسر تورِّي دماغ کي ڪاهليءَ واري عقيدت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي آهي. دليل بازن، حضرت عيسيٰ (ع.س) جي مذهب سان پنهنجي طرفان ڪجهه مٿاهين ۾ اَڻ ڇنڻين ڳالهين جو اضافو ڪري ڇڏيو هو جيڪي کين مشرقي فلسفي مان مليون هيون ته ساڳي وقت زرتشت جي تعليمات مان ب اُنهن حاصل ڪيون هيون: اُهي نيون ڳالهيون مادي (matter) جي لازوال هڻڻ، ۽ اصولن جي وجود ۽ غيبي دنيا جي ڳُجهن رازن بابت هيون. [32] جيئن ته دليل بازَ هڪ اونهي ۽ ڪشادي غارَ ۾ وڃي ڪريا هيا ته اُنهن پاڻ کي هڪ مُنجهيل ۽ خيالي رهبريءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو هيو. ۽ جيئن ته غلطين ۽ مونجهارن جا رستا، لطيف چوائي ته: "واتون ويهه ٽيون، ڪُهه ڄاڻان ڪيئي ويا" ڪيترائي ۽ اَڻ ڪُٽ هيا، ته نتيجي ۾ دليل بازَ پنجاهَ کان ب وڌيڪ فَرقن ۾ ورهائجي ويا، [33] جن مان نمايان ۽ نروار فرقا هي هيا: بئسيليديَنس، وئلينٽينيَنس، مارسيونائيٽس، ۽ پوئين دؤر ۾ وري مئنيڪيَنس هيا. هر فرقو پنهنجن پادرين ۽ وڏن ميڙن جون دعوائون ڪندو هو، پنهنجن ڊاڪٽرن ۽ شهيدن تي فخر ڪندو هو [34] ۽ چرچ جي چئن مستند ڪتابن جي بجاءِ، لادينن ڪيترائي تاريخي ڪتاب پنهنجي طرفان پيش ڪيا جن ۾ حضرت عيسيٰ (ع.س) ۽ سندس خاص مريدن جا عمل، احڪامَ ۽ تقريرون ڏنل هيون ۽ جيڪي هنن موجب سندن اصولن ۽ اعتقادن سان پوريءَ طرح نهڪي ٿي آيون. [35] دليل بازن جون ڪاميابيون تمام تڪڙيون هيون جن جي پهچَ ب پري پري تائين پکڙجي وئي. [36] سندن نظريا ايشيا ۽ مصر تائين پهچي ويا، روم تائين رَسائي ب ڪين آساني سان حاصل ٿي وئي ۽ ڪڏهن ته وري اولهَ جي ملڪن ۾ ب پنهنجا قدم جمائيندي نظر اچڻ لڳا. گهٽ ڪري اُهي هي صدي عيسوي ۾ منظر عام تي آيا، ٽين صديءَ ۾ اُنهن پاڻ کي مستحڪم بنايو پر چوٿين ۽ پنجين صديءَ ۾ بين جديد ۽ ڪشش ڪندڙ نظرين جي پرچار سبب اُهي ڏهجي ويا؛ جنهن ۾ وقت جي حاڪم جي طاقت جو ب وڏو هٿ هيو. تورِّي جو اُنهن اَمن جي فضا کي بار بار ڇيهو ٿي رسايو، ۽ مذهب کي بدنام ٿي ڪيو، پر اُنهن جي عمل عيسائيت جي رستي روڪڻ جي بجاءِ، اُلٽو اُنجي مدد ٿي ڪئي، غير يهودين کي، جيڪي نئين مذهب طرف ٿي ويا ۽ جن جا سخت ترين اعتراض ۽ نفرتون حضرت موسيٰ (ع.س) جي مذهب ۽ متي خلاف هيون، آساني سان کين عيسائي سوسائٽين ۾ داخلائون ٿي مليون ۽ انهن سوسائٽين کي نوَن جاهلن ۽ اڻ پڙهيلن کان سندن ڪنهن عقيدي جي تصديق ڪرڻ جي ضرورت ٿي

محسوس کانه ٿي. بهرحال اُنهن جو عقيدو چپ چاپ ۽ وڏندو ۽ مضبوط ٿيندو رهيو ۽ کليسا کي آخرڪار پنهنجي جاني دشمنن مٿان فتح حاصل ڪرڻ ٿي تمام گهڻو فائدو حاصل ٿيو. [37]

پر بنياد پرستن، ايبونائيٽس ۽ دليل بازن ۽، حضرت موسيٰ (ع.س) جي قانون ۽ اُنجي سچائيءَ بابت اختلاف ته ضرور هيا، پر اُنهن سيني ۽ بت پرستيءَ خلاف ساڳيو جذبو ۽ ساڳي نفرت موجود هئي جنهن سبب فقط يهودي ئي دنيا جي قديم قومن ۽ اهڙا هيا جيڪي بت پرستيءَ کان بُچان ڪرڻ ۽ سيني کان وڌيڪ نمايان ۽ نشانبر هيا. هڪ فيلسوف، جنهن گهڻن خدائن جي پوڄا کي انسان جي دوکي بازي ۽ غلطين جو سرشتو ٿي ڪوٺيو، پنهنجي نفرت واري مُرڪ کي عقيدي جي پردي ۽ آسانيءَ سان لڪائي پئي سگهيو جنهن ۽ ڪيس اهو خطرو به نه هيو ته سندس حماقت يا ان سرشتي جي تابعداري سان ڪي غيبي يا خيالي طاقتون مٿس ناراض ٿيندیون ڇو ته اهڙي ناراضگيءَ جي ڪيس کا پرواھ ڪانه هئي. پر جيڪي لامذهب هيا اُنهن جو به مذهب هيو جن کان وري اوائلي عيسائي بيحد نفرت ڪندا هيا ۽ اُنهن کان پري پڇندا هئا. ٻنهي يعني کليسا توڙي لادينن جو گڏيل خيال هو ته جنَ يا بدروح اُهي ئي شيطان به هيا ته وڏا به هيا ته بُت پرستيءَ جا ڪارڻ به ساڳي وقت اُهي ئي هيا. [38] اُهي باغي روحَ. جن پاڻ کي فرشتن جي رتبي کان ڪيرائي هيٺئين درجي تي آندو هو ۽ هاڻي دوزخ جي اونهي ڪڈَ ۽ ڪريل هيا. کين اجا به اجازت مليل هئي ته وڃي زمين تي گُهمن ڦرن، انسانن کي آزار پهچائن ۽ گنهگارن جي ذهنن کي وڌيڪ بگاڙين، شيطانن، انساني فطرت جو ڳُوڙهو اپياس ڪري ورتو هو ۽ سندن عقيدن منجهان پنهنجي مطلب تارڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ وڏي مڪاريءَ سان انسان کي، پنهنجي خالق لاءِ اُنسيت ۽ ساراھَ کان هٽائيندي، هن پاڻ کي خالق ۽ قادر مطلق جي جڳهه تي ويهارڻ جي ڪوشش ڪئي، پنهنجي سازشي هُنرن ۽ ڪاميابي ماٽيندي هنن پنهنجي سڪٽي ڦُوندِ کي خوش ڪيو ۽ بدلي وڻڻ جي باھ کي ٺڏو ڪندي فقط هڪ آسائش ماڻي جنهن لاءِ هو بيحد حساس ۽ خواهشمند هيا ته انسانن کي سندن ئي غلطين، گناهن ۽ ڏکن ڏولاوَن ۽ اهڙو مبتلا ڪجي جو هو اهڙين تڪليفن ۽ اذيتن جو مزو چکندا رهن. اهو مجيو يا تصور ڪيو ويو ته شيطانن، گهڻن خدائن جي عبادت جي فتني جو ڪم پاڻ ۽ ورهائي ڇڏيو هو. مثال طور هڪ شيطان پنهنجو نالو توڙي وصفون جو پيٽر جون اختيار ڪيون، ٻي وري ايسڪيولئپيَس جا طور طريقا اختيار ڪيا، ٽئين زهره جو روپ ڌاريو ۽ چوٿين اپولو [39] جو ڪردار ادا ڪيو: ۽ جيئن ته کين اهڙن ڪردارن ڪرڻ جو ڏڪهو تجربو هو ته جنهن جنهن کي جيڪو به ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو هو، ان اُهو تمام ڪاميابيءَ سان نباهيو. اُهي مندرن ۽ رُلندا رهيا، جشن ملهائڻ ۽ قربانين ڏيڻ جا نوان موقعا ايجاد ڪيائون، فرضي قصا ۽ ڪهاڻيون ناهيائون، پيشنگويون ڪيائون، ۽ کين اها به اجازت هئي ته هو ڪرامتون ۽ معجزا به ماٿهن کي ڏيکارين. عيسائي، جيڪي بدروحن جي منجهن داخل ٿيڻ سبب، غير فطري ڏيکن ۽ لڪائن کي آسانيءَ سان سمجهائي ٿي سگهيا، اُهي هاڻي تيار ۽ خواهشمند هيا ته لادينيت جي فلسفي بابت تمام وڏايل فرضي قصن ڪهاڻين کي مڃين ۽ ماٿهن کي به اهڙي آگاهي ڏين. پر عيسائين جي عقيدي ۽ هاڻي پيانڪ پئو ۽ خطرا شامل ٿي ويا هيا. قومي عبادت لاءِ جيڪو ماٿهن کي ٽورڙو به احترام هوندو هو ته عيسائين سمجهو ته اهو احترام هاڻي سڏو سنئون ڇڻ شيطانن جي حوالي ٿي ويو هو ۽ اهو اهڙو فتنو هو جيڪو الله تعاليٰ جي شان، مانَ ۽ مرتبي خلاف ڇڻ هڪ بغاوت وانگر هو.

هن راءِ جي نتيجي ۾، هاڻي هڪ عيسائيءَ جي پهرين ۾ سخت ذميواري هيءَ هئي ته بت پرستيءَ جي عمل کان پاڻ کي پاڪ، صاف ۽ نڇ رکي. قومن جو مذهب رڳو فرضي قصن تي ٻڌل ناهي جيڪو اسڪولن + ۾ پڙهايو يا مندرن ۾ سيکاريو ويندو آهي. بيشمار ديوتا ۽ گهٽن خدائن جي عبادت جون ريتون ۽ رسمون، قومي تورِّي ذاتي زندگي جي معاملن، خوشين تورِّي غمن يا هين ڏينهن ۾، هڪ ٻئي سان گهاڻيون جڙيل ۽ جڪڙيل آهن. تنهنڪري اهو ناممڪن هو ته هڪ ٻئي سان تمام ويجهي طريقي سان لاڳاپيل روايتن ۾ حصو نه وڃي يا اُنهن کان مُنهن موڙي سگهجي: ها اِهو فقط تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو ته انسانذات سان لڳ لاڳاپا ختم ڪيا وڃن ۽ سماج جي سيني ريتن رسمن ۽ تعلقن کان ماڻهو پاڻ کي پاسي ۽ پري ڪري ڇڏي جيڪو شايد ممڪن نه آهي، [40] صُلح يا جنگ جهيڙا ۽ ٻيا اهم معاملا به قربانين ذريعي طئي ٿيندا هيا جڏهن مئجسٽريٽ، سينيٽر ۽ سپاهي هڪ جڳهه تي گڏ ٿي ۽ اتفاق راءِ سان کو فيصلو ڪندا هيا، [41] عوامي ميڙ به لادينن جي خوشين ۽ عقيدت جي ترجماني ڪندا هيا جنهن ۾ ديوتا خوشيءَ سان اُهي تحفا يا احترام وصول ڪندا هيا جيڪي سندن خدمت ۾ پيش ڪيا ويندا هيا ۽ اهڙي موقعي تي راند روند به ٿيندي هئي جيڪا شهزادا توڙي عوام گڏجي رچائيندا هيا ته جيئن هڪ جشن جو ماحول پيدا ڪري سگهجي. [42] هڪ عيسائي جيڪو تقدس ۽ خوف جي گڏيل ڪيفيت ۾ مبتلا هو ۽ جنهن سرڪس يا ٿيٽر جي ڪراهت کان ته بچڻ ٿي چاهيو، پر پاڻ کي هن هر وِندر وِرونهن يا زندهه دليءَ جي موقعن تي پي دوزخي زنجيرن ۾ جڪڙيل ڏٺو جڏهن ته سندس دوست ۽ ساٿي، پنهنجن ديوتائن جي مهمان نوازيءَ جي ڪري خوشيءَ جا جشن ٿي ملهايا ۽ شراب اوتيندي پنهنجن ديوتائن کي خوشيءَ جا نذرانا ٿي پيش ڪيا، [43] جڏهن هڪ ڪُنوار بناوٽي ناراضگيءَ مان پنهنجي ڪنوارپ جي جشن ملهائڻ لاءِ پنهنجن ساهرن جي نئين گهر وسائڻ ٿي وئي يا هڪ مَيت جو مغموم جلوس ماتمي ارٿي ڏانهن آهستي آهستي سُرندو ٿي ويو [5] ته اهڙن خوشي، غمَ يا دلچسپ موقعن تي به ويچارو عيسائي مجبور ٿي اُنهن دوستن کان ڌار ٿي هليو ٿي ويو جيڪي ڪيس بيحد پيارا به هيا، پر ڪيس اها جرئت نٿي ٿي ته ان ڏوهَ ۾ پاڻ به شامل ٿي وڃي جيڪو اهڙين مڪروهه رسمن يا روايتن سان لاڳاپيل هوندو آهي. هر فن ۽ هر ڏنڊو يا هنر جنهن جو بُتن جي سينگارڻ سنوارڻ ۾ رتيءَ ماتر به تعلق هوندو هو ته اُهو بت پرستيءَ جي چُنڊ سان داغدار هوندو هو: [46] هي سلسلو شدت اختيار ڪندو ويو جنهن ماڻهن جي وڏن گروهن کي عذاب ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو. هڪ اهڙو عذاب جيڪو سخت جان ماڻهن لاءِ وقف هوندو آهي ۽ اُهي ئي ان کي برداشت به ڪري سگهندا آهن. جيڪڏهن اسان قديم شين جي ڀَالهين ۽ آثارن تي نظر وجهون ته اسان کي معلوم ٿيندو ته خدائن جي نمايان نشانين ۽ سندن عبادت جي مختلف نمونن ۽ آثارن کانسواءِ، ڪيترن قصن ڪهاڻين جا شاندار نمونا، جن کي يونانين جي تصور ۽ خيالي سوچن مقدس بنائي ڇڏيو هو، گهرن جي زيورن، پوشاڪن، فرنيچر ۽ لادين ماڻهن جي اهڙي قسر جي سامان ذريعي معاشري ۾ آندا ويا هيا، [47] موسيقيءَ جو فن، نقش نگاري، تقرير جي مهارت ۽ شاعري جهڙين نازڪ صفن جي شروعات به ڪندن ۽ ناپاڪ طريقن سان ڪئي وئي. پنهنجن وڏڙن جي طريقي موجب اپولو ۽ نازڪ ۽ حسين فن جون ديويون (Muses) به دوزخي روحن جون نمائندگي ڪندڙ هيون ۽ هومر ۽ ورجل اُنهن جا نمايان خدمتگار هيا ۽ خوبصورت نظريو جيڪو سندن عظيم ڏهانت جي پرپور عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿو ته اُهو به وري شيطانن ۽ بدروحن جي عظمت جي واکاڻ ۾

مشغول آهي. حدَ اها آهي جو يونان ۽ روم جي عام زبان ۾ پي ڇاتل سڃاتل ۽ غلط جُملن جي پرمار ٿيل آهي جيڪو ويچارو جاهل يا آڻ پڙهيل عيسائي عام طور استعمال ڪندو آهي يا خاموشيءَ مان ٻڌندو آهي. [48]

خطرناڪ قسر جون آڇون يا لالچون جيڪي معصوم عقيدتمند کي حيرت ۾ وجهڻ لاءِ ڪِڇَ ۾ حملي لاءِ تيار هيون، جشن جي احترام وارن ڏينهن ۾ پوري طاقت سان مٿن اوچتو حملو ڪري ڇڏيو. سڄو سال اُهي ايڏي ته چالاڪي ۽ مڪاريءَ سان ماڻهن سان پيش ايندا رهيا جو سندن وهمن وسوسن سان خوشيءَ جو ته ڪڏهن وري نيڪي ۽ ڇڳائيءَ جو لباس ڪٽي پاتو هو. [49] روم جي رسمن رواجن موجب، ڪي مقدس جشن فقط ان ڪري ملهايا ويندا هيا ته جنوري جي تاريخن جو استقبال ڪري سگهجي جنهن ۾ قومي توڙي ذاتي سطح تي خوشيون ۽ ماڻهن جا ميلا لڳندا هئا. هڪ مقصد اهو به هوندو هو ته زنده يا مرده ماڻهن جي يادن کي دهرائجي ۽ ملڪيت جي حدن جو اندازو به لڳائي سگهجي ۽ بهار جي اچڻ تي ڦل ڏيندڙ وڻن ۽ ميوَن جي فرحت بخش موسم ۽ فضا کي ملهائي سگهجي، روم جي ٻن يادگار دوَرن کي لاڳو ڪجي، شهر ۽ جمهوريه جي بنياد پوڻ جي ياد کي به تازو ڪجي، ۽ روم جي زراعت جي ديوتا جي جشن دوَران، انسانذات جي هڪ جهڙائيءَ جي اوائلي ۽ تعريف لائق ڳُڻن کي واپس ورائجي. اهڙين مڪروهه رسمن جي ملهائجڻ تي عيسائين جي نفرت جو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو ته ساڳي وقت سندن نفاست کي به پرکي سگهجي ٿو جنهن جو اظهار هو گهڻ اهر موقعن تي ڪندا هئا. جڏهن عام جشن ملهائڻ جا ڏينهن ايندا هيا ته قديمي ماڻهن جي رواج موجب درن کي بتين ۽ ڪانورَ جي وڻ جي پنن سان سينگاريو ويندو هو ۽ پنهنجي ڪنڌَن ۽ سِرَن کي گلن جي هارن سان ڦهيل تاج سان سينگاري ڇڏيندا هئا. هن قسر جي معصوم ۽ شانائتي رسر کي هڪ شهري اداري جي حيثيت سان شايد برداشت ڪيو وڃي ها، پر بدقسمتيءَ سان ٿيو هينئن جو درَ، گهَر جي ديوتا جي سنيال هيٺ هيا ۽ ڪانور جي وڻ جا پنَ ڍانڻ جي عاشق لاءِ مخصوص هيا. ۽ گلن جا هارَ جيڪي گهٽو ڪري خوشي يا غم جي موقعن جي علامت طور پاتا ويندا هيا، پنهنجي شروعات کان وٺي وهمن وسوسن جي خدمتن کي اڀريا ويا هيا. ڏهندڙ ۽ ڏڪندڙ عيسائي جن کي هن موقعي تي پنهنجي ملڪ جي رسمن اختيار ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو ۽ ڪين مئجسٽريٽ به اهڙو حڪر ڏنو هو، پر اُهي پنهنجي ضمير جي ملامت کان ٻڌل ۽ مغموم هئا ته ساڳي وقت ڪليسا جي ملامت ۽ قدرتي انتقام جي ڀِٽ لعنت جو به خوف سندن اندر ۾ موجود هيو. [50]

انجيل مقدسَ کي بت پرستيءَ جي وڇڙندڙ مرض کان بچائڻ لاءِ وڏي محنت ۽ جاکوڙ جي ضرورت هئي. مجيل مذهبن ۾ قومي ۽ ذاتي رسمن جي وهمن کي ملهائڻ جو رواج تعليم ۽ عادتن سبب ايترو مضبوط نه هو. پر جيئن ئي رسمون شروع ٿي ويندیون هيون ته جڻ عيسائين کي هڪ موقعو ملي ويندو هو ته هو اُنهن جي ملهائڻ جي پرپور مخالفت ڪن. اهڙن اعتراضن ۽ احتجاجن سان، سندن عقيدت ۽ مذهب سان سچائيءَ جا رشتا اڃا وڌيڪ مضبوط ٿيندا ويا، نه رڳو اهو پر سندن اندر جا جوش جذبا به وڌندا ويا جن جو مظاهرو هنن شيطانن ۽ بدروحن خلاف هڪ پاڪ جنگ ۾ ڪيو جنهن ۾ ڪين واضح فتح حاصل ٿي.

II سِسيرو [51] جون تحريرون، جيڪي پُرڪشش رنگن ۾ آهن، جهالت، غلطين ۽ روحَ جي لازوال هجڻ بابت قدير فيلسوفن جي غير يقيني ڪيفيت بابت معلومات ڏين ٿيون. جڏهن اُهي پنهنجن پوئلڳن کي موت جي خوف کان

پرواھ نہ ڪرڻ جي تلقين ڪن ٿا. توڙي جو اھو غم جو موقعو آھي، پر پوءِ بہ ڪين صاف طور تي ٻڌايو ويڄي ٿو تہ زندگيءَ تي موت جو آخري ڏَڪُ حقيقت ۾ اسانکي زندگيءَ جي ڏُکن کان آزاد ڪري ٿو ڇڏي ڇو تہ جيڪي ماڻھو ھن دنيا ۾ موجودگي ناھن تہ اُنھن لاءِ تڪليفون ۽ اذيتون بہ ڪونھن. ان جي باوجود يونان ۽ روم ۾ ڪي درويش اھڙا بہ ھيا جن زندگي ۽ انساني فطرت بابت ھڪ متاھون ۽ حقيقت پسندي تي مبني نظريو ڳولي ڪڍيو ھو. توڙي جو ان ڳالھ جو اعتراف ڪرڻ بہ ضروري آھي تہ سندن دليلن جي رھبري سندن خيالي تصور ٿي ڪئي وري اُنھن جو تصور سندن ڦُوندڙ ۽ اجائي وڃائيءَ جو نتيجو ھو. جڏھن اُنھن اطمينان سان پنھنجي ذھانت جي وسعتن جو جائزو وٺڻ شروع ڪيو، جڏھن اُنھن پنھنجي يادگيري، تصور ۽ فيصلي جي قوت جو جائزو، اندازن جي آڌار ۽ محنت جي زور تي لڳايل ۽ جڏھن ھنن شھرت جي خواھش کي اندر جي نظرن سان ڏٺو تہ اُھو تصور ڪين مستقبل جي زمانن ۾ موتَ ۽ قبر جي منزلن کان اڳتي وڃي ويو: اُھي دنيا جي جاھلن ۽ وحشين جي ڳالھين ۾ مُنجھڻ وارا تہ ھيا ئي ڪوڙ جو اھو نتيجو اخذ ڪن تہ ھڪ وجود يا زندگي، جنھن جي لاءِ ھنن وٽ وڏي اھميت ۽ انجي ھڪ حيثيت ھئي، تہ اُھا ڏرتيءَ جي ھڪ ننڍي ٽڪري (قبر) يا ٻورڙن سالن جي عرصي تائين مخدود ٿي سگھي ٿي. ذھن ۾ ھڪ اڳواڻ مابعد الطبيعات (Metaphysics) جي زبان استعمال ڪئي. اُھي جلد ئي ان نتيجي تي پھتا تہ جيئن تہ مادي جي ڪابہ خاصيت، دماغ جي تخليقي قوتن سان ڪو بہ تعلق نٿي رکي تہ ان موجب انسان جو روح ڪو اھڙو وکر يا ڪو اھر جُزو ھوندو جيڪو جسر کان يقيني طور تي جدا ھوندو ۽ اُھو پاڪ صاف، سادو ۽ روحانيت سان ٽمٽار ھوندو جيڪو ھرگز مري نٿو سگھي ۽ جيڪو جسماني قيد کان آزاد ٿيڻ کانپوءِ وڌيڪ پاڪ ۽ خوشحال ھوندو. ھنن شاندار ۽ مانائتن اصولن منجھان ڪجھ فيلسوفن جن افلاطون جي اصولن تي ھلڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اُنھن اھڙن اصولن مان ھڪ غير منطقي نتيجو ڪڍيو ۽ اُنھن جو خيال ھو تہ روح جي فقط مستقبل جي لازوال ھئڻ جو سوال نہ ھو پر انسان جي روح جو ماضي بہ لازوال ۽ ابدي ھو ڇو تہ سندن خيال موجب روح ھڪ لامحدود دنيا جو حصو ٿي ويو ٿي جيڪو پاڻ پنھنجي طور ھر وقت موجود رھي ٿو ۽ پوري ڪائنات کي روحاني قوت ٿو بخشي ۽ ان کي قائم بہ رکي ٿو. [52] ھتي ھڪ اصول، جيڪو انساني دماغ کان اڳتي ۽ تجربي کان بہ پري آھي، شايد ھڪ فيلسوف کي سندس فرصت جي گھڑين ۾ وِندرائي يا اڪيلائيءَ جي خاموشيءَ ۾ سندس نيڪيءَ ۾ ڪجھ سکون ۽ تفريح جو سامان مھيا ڪري: پر جيڪو ڏيمو اثر اسانکي اسڪولن ۾ ويھاريو ويو ھيو، اُھو تيز زندگيءَ جي ڏنڊي ۽ واپار وھنوار سبب تباھ ٿي ويو آھي. اسان اُنھن ماڻھن کان گھڻا واقف ٿي چڪا آھيون جيڪي ٻسيرو ۽ پھرين سيزرس جي دؤر ۾ رھندا ھئا: اُنھن جا عمل، اُنھن جي ھلت چلت ۽ سندن مقصدن مان واضح طور تي خبر پوي ٿي تہ سندن زندگيءَ جو طور طريقو ڪنھن واضح سليقي يا اصولن جو پابند نہ ھو جنھن ۾ انعام بہ ھوندا آھن تہ ماڻھن کي پنھنجن عملن جون سزائون پڻ ملنديون آھن. روم جي وڪيلن توڙي سينيٽ ۾، تقرير جي ماھرن سواءِ ڪنھن شڪ يا گمان جي پنھنجن ٻڌندڙن کي اچرج ۾ وجھي ڇڏيو جڏھن ھنن نئين فلسفي کي بنھ رَد ڪيو ۽ ان کي ھڪ بيڪار ۽ اجايو رايو ڪوٺيو ۽ ھر تعليم عقل ۽ فھم رکندڙ ماڻھو ان نئين شوشي جي سخت مخالفت ڪئي. [53]

جيئن تہ فلسفي جون وڏي ۾ وڏيون کوششون بہ ان کان اڳتي نٿيون وڃن تہ خواهش، اُميد يا وڃ ۾ وڃ ڪنهن ڳالهہ جي امکان يا مستقبل جي ڪيفيت لاءِ ڪو اشارو ملي ٿو: باقي فقط ربي راز طرفان مليل رهبري سان ئي وجود جي حقيقت معلوم ٿئي ٿي ۽ اڪين کان اوجهل ان دنيا جو بہ پتو پوي ٿو جتي انساني رُوحَ جسمن کان ڌار ٿيڻ بعد يقيني طور تي وڃي آرامي ٿين ٿا. پر اسان کي يونان ۽ روم جي مشهور مذهبن ۾ ڪيترائي اندروني نقص نظر اچن ٿا جنهن جي ڪري اُهي هڪ ڏکئي مونجهاري اچي وڃڻ تي پنهنجي برابري نہ ڪري سگهيا. (1) سندن نظرئي جي عام سرشتي لاءِ ڪي بہ پڪا دليل موجود ڪونهن ۽ جيڪي لادنن ۾ بيحد عقلمند هيا، اُنهن اڳيئي پنهنجن ضبط ٿيل اختيارن تان هٿ کڻي ڇڏيو هو. (2) دوزخي جاين جڳهن جو بيان نقش نگار جي ماهرن ۽ شاعرن جي تصور جي حوالي ڪيو ويو هو جن اُتي ڪوڙ سارن جِنن، پوتن ۽ راکاسن جي آبادي کي وڌائي ڇڏيو هو جن پنهنجي انعامن ۽ سزائن کي پنهنجي مرضي مطابق ٿي هلايو. نتيجي ۾ جيڪا صفا سچي حقيقت هئي ۽ انساني دل ۽ دماغ جي عين مطابق هئي، انکي نہ رڳو پريشان پر بيعزتو بہ ڪيو ويو ۽ انکي وحشياڻن قصن کهاڻين سان ملايو ويو. [54] (3) "مستقبل جي ملڪ" جي فلسفي کي، يونان ۽ روم جي سخت مذهبي ماڻهن طرفان، عقيدي جي بنيادي نقطي طور مڃڻ کان انڪار ڪيو ويو. خدائن جي شفقت ۽ مهرباني کي، جيئن اُها قومي سطح جي ماڻهن بابت ڏيکاري وئي آهي ۽ نہ ذاتي شخصن جي حوالي سان، کي موجوده دنيا جي ٿيٽر تي واضح ڪيو ويو هو. جيڪي درخواستون جوپيٽر يا اپولو جي قربان گاهن تي ڏنيون ويون هيون، اُنهن ۾ عبادتگذارن جو، عارضي خوشين لاءِ اونو ۽ ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيل هو ۽ مستقبل جي زندگي بابت بيخبري يا بيپرواهي ظاهر ڪيل هئي. [55] روح جي لازوال هئڻ جو اهم سچ ۽ حقيقت جو تصور وڏيڪ ڪاميابي ۽ صداقت سان هندستان، اسيريا، مصر ۽ گال وارن پاڻ هِنئين سان هنڌائي رکيو هو ۽ جيئن تہ اسان بربرن بابت ايتري مٿاهين ڄاڻ ۽ فرق بابت گهٽو نٿا ڏيڻ سگهون تہ اسان ان کي يقيني طور تي پادرين سان منسوب ڪري سگهون ٿا جن نيڪي ۽ چڱائيءَ جي گڏن کي پنهنجي مقصد جي منزل بنائي ڇڏيو آهي. [56]

اسان فطري طور اها اُميد رکنداسون تہ هڪ اصول جيڪو مذهب جي لاءِ بيحد لازمي آهي، اُن جو فلسطين جي خاص ماڻهن تي ضرور واضح طور تي انڪشاف ٿيو هوندو ۽ جنهن کي وري اثران جي پادري اداري کي موروثي طور سؤنپيو ويو هوندو. اسان تي انڪري فرض ٿي ويو آهي تہ الله تعالىٰ جي ڳجهن رازن کي ساراهيون، [57] جڏهن تہ اسان تي اهو واضح ٿي چڪو آهي تہ روح جي لازواليت جي فلسفي تي حضرت موسيٰ (ع-س) جي مذهب ۾ ذڪر آيل نہ آهي ۽ جنهن بابت بين پيغمبرن بہ غير واضح اشارا ڏنا آهن: ۽ جيڪو طويل عرصو مصرين ۽ بابل جي ماڻهن جي غلاميءَ جي وچ ۾ گذريو، يهودين جون اُميدون توڙي خوف خطرا موجوده زندگيءَ جي تنگ دائري ۾ گهمندي ڦرندي نظر اچن ٿا. [58] ملڪ نيڪالي ڏنل قوم کي سائرس جڏهن واعدي ٿيل زمين تي واپس ٿيڻ جي اجازت ڏني هئي ۽ جڏهن عذرا سندن مذهب جا قديمي رڪارڊ واپس ڪيا هيا تہ بہ اهم فرقا سدوسي ۽ فارسي چپ چاپ ۾ جيروسلم ۾ اپريا. [59] پهرئين فرقي کي سماج جي شاهوڪار ۽ مٿاهين طبقي مان چونڊيو ويو هو ۽ اهو طبقو پوريءَ طرح حضرت موسيٰ (ع-س) جي مذهب سان لاڳاپيل هيو ۽ اُهي پوري سچائيءَ سان روح جي لازوال هئڻ کي رد ڪندا هيا، هي اهڙو

خيال هو جنهن جو پاڻ ڪتاب ۾ ڪو تذڪرو ڪونہ هو. جنهن ڪي هو پنهنجي عقيدي جو حصو سمجهندي انڪي بيحد مان ڏيندا هئا. پاڻ ڪتاب جي اختيارن ۾ فارسين پنهنجين روايتن کي شامل ڪري ڇڏيو ۽ روايتن جي نالي ۾ هنن ڪيترائي اهڙا ضابطا ۽ اصول بہ قبول ڪيا جيڪي مشرقي قومن جي مذهب ۽ فلسفي ۾ موجود هيا. تسمت ۽ مقدر جا فلسفا، تورڙي فرشتن ۽ روحن جون ڳالهيون يا ايندڙ وقت جا انعام ۽ سزائون، اهي سيئي ڳالهيون نئين عقيدي جي نقطن ۾ بيان ٿيل هيون. ۽ جيئن فارسي پنهنجي هلت چلت جي سهڻن طريقن سان يهودين جي ماڻهن کي بہ پنهنجي پارٽي ۾ شامل ڪيو هو تہ روح جي لازواليت جو فلسفو سندن عبادتگاهن ۾ گونجڻ لڳو جڏهن آسمونين، شهزادن ۽ پادرين جي حڪومت هئي. يهودين جي طبيعت اهڙي هئي جو هو ڪنهن بور ڪندڙ ۽ خشڪ ماحول مان مطمئن ٿيڻ وارا ڪين هيا، يعني اهڙو جيڪو گهٽن خدائن جي پوڄاري جي ذهن کي مطمئن ڪري سگهي ۽ جيئن ئي اُنهن مستقبل جي ملڪ جي تصور کي قبول ڪري ورتو تہ پوءِ اُنهي فلسفي سان پوري جوش ۽ جذبي سان لاڳاپيجي ويا ڇو تہ اهو ئي ان قوم جو سچو ۽ ساراهڻ جهڙو ڪردار هو. بهرحال سندن جذبي ڪابہ شاهدي پيش ڪانہ ڪئي ۽ نہ وري ڪنهن امڪان جي ڪا اُميد پيدا ڪئي ۽ اهو ايڏا بہ وڏيڪ ضروري هو تہ زندگي ۽ لازواليت جو فلسفو، جيڪو فطرت طرفان نازل ٿيو هو، دليلَ ان جي منظوري ڏني هئي، ۽ وهمن بہ ان جي مرحبا ڪئي هئي، ان کي آخر ۾ قدرتي سچائيءَ جي سندَ جي ضرورت هئي جيڪا حضرت عيسيٰ (ع-س) جي اختيار ۽ مثال ذريعي ملڻي هئي.

جڏهن انسانذات کي دائمي خوشيءَ جو واعدو ڪيو ويو هو ۽ ان ۾ انجيل مقدس جي اصولن جي پيروي ڪرڻ ۽ اُهو عقيدو اختيار ڪرڻ جو شرط رکيل هو تہ ان ۾ ڪا بہ تعجب جي ڳالهہ ڪانهي تہ اهڙي فائدي واري آڇ، هر مذهب جي گهٽن ئي ماڻهن قبول ڪئي، ۽ روم جي شهنشاهت جي هر صوبي ۽ هر طبقي جي ماڻهن طرفان نئين عقيدي کي قبول ڪيو ويو. قديمي عيسائي، پنهنجي موجوده حالت کان نفرت ڪرڻ لڳا ۽ لازوال فلسفي ۾ اعتماد ڪندي خاموش ٿي ويا تہ موجوده دؤر جو مشڪوڪ، اٽپورو ۽ اڌورو عقيدو اهڙن منجهيل معاملن ۾ ڪوبہ واضح ۽ اطمينان بخش حل نٿو ڏئي سگهي. اوائلي ڪليسا کي سڃ جي اثر ۽ ماڻهن جي غير جانبدار راين جي طاقتور پئيرائي هوندي هئي جنهن کي فائديمند ۽ قدير هڻڻ سبب وڏيڪ مان ڏنو ويندو هو پر تجربو وري ان سان شامل نہ ٿي سگهيو آهي. اهو آفاقي طرح مڃيو ويندو هو تہ دنيا جي پڄاڻي تورڙي جنت جي بادشاهي جو خاتمو بس ٿيڻ وارو آهي. قيامت اچڻ جي پيشنگوئي حوارين ڪئي هئي ۽ اها روايت سندن اڳين پوئلڳن وٽ محفوظ ٿيل هئي ۽ اُهي جن حضرت عيسيٰ (ع-س) جي گفتگو ۽ سندن فرمودات پاڻ پنهنجن ڪنن سان ٻڌا هيا تہ اُهي ان ڳالهہ جي توقع رکي پئي سگهيا تہ ان نسل جي مڪمل خاتمي کان اڳ "انسان جي پُٽ" جي ڪرن ۽ آسمانن منجهان ٻيهر ۽ شاندار واپسي ٿيندي ڇو تہ اُنهن سندس رحر جوڳي حالت ڏني هئي جڏهن هو زمين تي هو ۽ اهڙين حالتن جي شاهدي ويسپاسيان ۽ هئڊرئن جي حڪومتن ۾ يهودين جي تڪليفن ۾ مبتلا ٿيڻ جي صورت ۾ موجود هئي. سترهن صدين جي انقلاب اسانکي سيکاريو آهي تہ ڪنهن غيب جي ڳالهہ يا الهامي ڳُجهہ کي پڌرو ڪرڻ لاءِ زور نہ ڏجي، پر جيترو عرصو، شايد عقلمنديءَ جي گهرجن موجب هن غلطيءَ کي ڇرڪ ۾ رهڻ جي اجازت ڏني وئي تہ عيسائين جي عقيدي تي انجا تمام

بهتر نتيجا نڪتا جيڪي ان پوائتي گهڙيءَ جي ڏيڃاڙيندڙ انتظار ۾ هُيا جڏهن خود زمين ۽ انسانذات جون سڀيئي قومون خدائي جج جي ظاهر ٿيڻ جي انتظار ۾ ڏکندیون ۽ تڙپنديون هونديون. [60]

هزار سالن جي وقفي جو قديمي ۽ مشهور فلسفو حضرت عيسيٰ (ع-س) جي ٻيهر ظاهر ٿيڻ سان تمام گهاڻو تعلق رکي ٿو. جيئن ته تخليق جو سڃو ڪر ڇَهن ڏينهن ۾ مڪمل ٿيو هو ته ان جو موجوده حالتن جي حساب سان عرصو هڪ روايت مطابق جيڪا ايليجا (بني اسرائيل جي پيغمبر) سان منسوب ٿيل آهي، ڇَ هزار سالن جيترو ٿئي ٿو. [61] ساڳيءَ طرح اهو به سوچيو ويو ته هيتري ساري ڏکڻي محنت ۽ ڪاروبار جو وقت جيڪو هاڻي گذري چڪو آهي [62] پر ان جي جڳهه سَبَت (Sabbath) جي هزار سالن وارو ڏينهن اڃي والارينڊو ۽ حضرت عيسيٰ (ع-س) سندس ساڻي درويش ۽ اوتار فاتحانه انداز ۾ - سندس اُهي ساڻي جيڪي موت کان بچي ويا هيا يا جن کي معجزاتي زندگي ملي هئي - زمين تي تيستائين حڪومت ڪندا جيستائين قيامت وارو مقرر ڏينهن ايندو جڏهن مُردن کي ٻيهر اٿاريو ويندو. عقيدتمندن لاءِ اِها اُميد ايڏي ته ڪين سُڪون ۽ اطمينان ڏيندڙ هئي جو نڻون جيروسلم، جيڪو فرحت بخش بادشاهت جي گاديءَ جو هنڌ هو، انڪي خوشيءَ جي طرحين طرحين رنگن سان ڪنوار جيان سينگاريو ويو هو. جيڪڏهن اهڙو جشن ملهائجي ها جنهن ۾ نج، پاڪ صاف ۽ روحاني رنگ هجي ها ته اُهو اُتان جي رهواسين لاءِ عجيب لڳي ها ڇو ته اُنهن جي انساني فطرت ۾ هوش حواس ظاهر آهي ته انسانن وارا هيا. عدن جو باغ، جنهن ۾ بهراڙيءَ جي زندگي جي وِندر ورونُهن هوندي آهي، زياده مهذب سماج جيڪو ان وقت روم جي شهنشاهت ۾ مروج هو لاءِ موزون نه هو. انڪري سون ۽ نهايت قيمتي پٿرن منجهان هڪ شهر اڏيو ويو ۽ تمام عمدو اَن ۽ شراب پر واري زمين تي رکيو ويو ۽ ماڻهن کي عام اجازت ڏني وئي ته خوشيءَ مان خوب کائن پيئن ۽ ماڻهن کي کنهن به حسد يا جَهل پَل واري قانون هيٺ کاٻ منع ٿيل نه هئي يا ٻين لفظن ۾ خوشين ملهائڻ جي عام اجازت هئي. [63] هزار سالن جي تصديق سڀني وڏڙن ۽ حوارين کان سڀني تائين پهچي چڪي هئي. يعني جسٽن مارٽر کان وٺي آئرينيس تائين، جنهن وري حوارين جي پوئلڳن سان ۽ لئڪٽينٽيس سان به ڳالهايو هو جيڪو وري ڪانسٽينٽائن جي پُٽ جو استاد هو. [65] ان جي باوجود جو ان کي ممڪن آهي آفاقي سطح تي تسليم نه ڪيو ويو هجي، پر اهو يقيني طور تي پختن عقيدتمندن وٽ قبول ٿي چڪو هو ۽ اُهي ان کي چگيءَ طرح مڃي به چڪا هيا چو ته اهو انسانذات جي خواهشن ۽ خدشن سان پوريءَ طرح ٺهڪي ٿي آيو ۽ تمام گهڻي ۽ ڪامياب حد تائين عيسائين جي مذهب جي واڌاري ۽ ترقيءَ جو ڪارڻ ٿيو هوندو. پر جڏهن ڪليسا جي عمارت ذري گهٽ مڪمل ٿي چڪي هئي، ته ان وقت عارضي مدد کي في الحال پري ڪيو ويو. حضرت عيسيٰ (ع-س) جي زميني حڪومت جي فلسفي کي پهريون ته فقط تمثيلي حد تائين سمجهيو ويو. بعد ۾ آهستي آهستي ان کي مشڪوڪ ۽ اجايو خيال ظاهر ڪيو ويو ۽ آخر ڪار ان کي لادينيت ۽ مذهبي جنون وارن جي ايجاد سمجهي مڪمل طور تي رد ڪيو ويو. [66] هڪ مخفي اڳڪٿي، جيڪا اڄا تائين مقدس قانون جو حصو آهي، پر جنهن لاءِ تصور ڪيو ٿي ويو ته اُها اڳيئي گرم جذبن کي ويتر اُپارينديِ. ۽ ٿيو به ائين جو ذري جيتري مفاصلي تي چرچ طرفان قتل جي فتويٰ کان بچي وئي. [67]

جڏهن ته حضرت عيسيٰ (ع-س) جي پوئلڳن کي عارضي حڪومت جون خوشيون ۽ شان شوڪت آڇيو ويو هو ته لادينن جي خطرناڪ تڪليفن ۽ مصيبتن کي به نديو ويو هو. نئين جيروسلم جي تعمير* ۽ صوفياڻي بائبل جي تباهيءَ جو ڪر ڳڏوڳڏ ۽ هڪ جهڙي رفتار سان ٿيڻو هو ۽ جن شهنشاهن ڪانسٽنٽائن کان اڳ حڪومت ڪئي هئي، جيستائين اُنهن بُت پرستي جي حمايت ڪئي، ته بابل جو لقب شهر کي توڙي روم جي شهنشاهت کي ڏنو ويو هو. اخلاقي توڙي ظاهري ۽ جسماني برائين جو ڇار وڇايو ويو هو ته جيئن هڪ خوشحال قوم کي اذيتن ۽ تڪليفن ۾ مبتلا ڪيو وڃي: اندروني انتشار ۽ اُتر جي نامعلوم هنڌن تان بربرن جا خوفناڪ حملا، وبا ۽ ڏُڪر جون حالتون، پُڇڙ تارن، سڄ گرهڻ، زلزلن ۽ ٻوڏن جا عذابَ انسانن مٿان نازل ٿيندا رهيا. [68] هي ته رڳو شروعاتي ۽ هڪ اڇڻ واري وڏي عذاب لاءِ تياري وارا اشارا هيا جيڪي روم مٿان آفت جيان نازل ٿيڻا هيا جڏهن اسڪيپيوز ۽ سيزرس جو ملڪ آسمان طرفان ايندڙ شعلن جي نڏر ڪي ويندو ۽ سَتن ٽڪرين جو شهر پنهنجن محلاتن، مندرن ۽ فتح جي محرابن سميت باهه ۽ گندرف جي وڏي ڍنڍ ۾ سڙي ۽ پُورجي ويندو. اها ڳالهه روم وارن جي آڳاڻ لاءِ ڪجهه اطمينان بخش هئي ته جيترو عرصو سندس شهنشاهت جو هيو اُهو ئي عرصو جڏهن دنيا جو به هيو ۽ جيئن ته اڳ سندس شهنشاهت پاڻيءَ جي ٻوڏ سبب غرق ڪئي هئي ته هاڻي وري اُها ٻيهر شايد جلدئي باهه ۾ سڙي رکَ ٿيڻ واري هئي، جيتريقدر وڏي آزاڪ جو تعلق آهي ته اهو عجيب اتفاق چئجي جو عيسائين جو عقيدو اوهر جي روايتن سان گهڻو ملي ٿو: استائفن جو فلسفو ۽ فطرت جو سرشتو ۽ توڙي ملڪ مذهبي لحاظ سان پڻ جڏ اهڙي باهه جي پنيٽ جي نظاري هيٺ لاءِ چونديو ويو هيو ۽ جڏ ته فطري طرح توڙي ظاهري نظر ايندڙ سبب به اهڙا هيا جيڪي باهه جا ڪارڻ هيا: جنهن ۾ تمام اونهيون غارون هيون، گندرف جا وڏا وڏا تَهَ هيا، تنهن کانسواءِ ڪيترائي هرندڙ جبل پڻ هيا جيئن ايٽنا، ويسوويَس ۽ لِپاري ته اهڙا هيا جيڪي اڃا به اٿپوري نمائندگي ڪن ٿا. خاموش قسر جو توڙي بهادر نقاد به ان ڳالهه کان انڪار نه ڪندو ته باهه جي پنيٽ ذريعي، هن دنيا جي سرشتي جي تباهي هڪ اَڻ ٽيٽي ڳالهه ڪانهي. هڪ عيسائي جنهن پنهنجو عقيدو منطق ۽ عقل جي دليلن تي ڳهڻ ۽ روايتن تي وڌيڪ رکيو آهي ۽ پاڪ ڪتابن جي تعبير مان پڻ اهو ئي معلوم ته هنن ڇڻ پئو ۽ اعتماد سان ڏڪ ائين ئي سمجهو ته خاتمي جي گهڙي بس هاڻي اچڻ واري هئي ۽ جيئن ته سندن دماغ مذهبي عقيدن سان پريل هيو، ته جيڪا به مصيبت شهنشاهت مٿان ائي ئي، ته عيسائين ان کي ختم ٿيندڙ دنيا جو يقيني ۽ اعتبار جوگو اهيانَ ئي سمجهيو. [69]

لادينن منجهان جيڪي زياده عقلمند ۽ نيڪ هيا ته سندن جهالت يا سچائي واري عقيدي کان انڪار هئڻ سبب جيڪا سندن مذمت ڪئي ئي وئي ته ان وري موجوده دؤر جي ماڻهن جي انسانيت توڙي سمجهه کي ڇڻ تڪليف پهچائي آهي. [70] پر جيڪا اوائلي ڪليسا هئي ته انجو عقيدو تمام مضبوط هو، تنهنڪري ان بغير هيڪڻ يا سوچڻ جي انسانن جي گهٽي تعداد کي دائمي اذيت جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. البت سُقراط جي حق ۾ هڪ فراخ دليءَ واري اُميد ڪري سگهجي ۽ ان ۾ قدير زماني جا ٻيا درويش ۽ اوتار به شامل ڪري سگهجن ٿا. جن انجيل مقدس جي اچڻ کان اڳ ئي منطق ۽ دليلن جي روشني کي ڏسي، پرکي ۽ پروڙي ورتو هو. [71] پر اهو اتفاق راءِ سان چيو ويو هو ته اُهي جن حضرت عيسيٰ (ع - س) جي جَر کان وٺي يا ان جي رحلت کانپوءِ، ضِد ۽ هَٺ مان شيطانن يا بدروحن جي عبادت

ڪرڻ تي زور پريو هو ته اُهي رب العزت جي انصاف کان نه ته ڪنهن معافي جا مستحق هيا نه وري اُهي ان جي اُميد ڪري ٿي سگهيا. اهڙن سخت لفظن، جيڪي اڄ قدير دنيا کان اڻڄاتل هيا، پيار ۽ پائيچاري جي ماحول ۾ ڪڙاڻ ۽ ڪدورتن جو زهر اوتي ڇڏيو. مذهبي فرقن ۽ ويچن سبب دوستي توڙي رت جي رشتن جا ٻَندڻ به ٽُٽي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويا ۽ عيسائي جيڪي هن دنيا ۾ شيطانن جي طاقت سبب پاڻ کي مظلوم سمجهندا هُتا ۽ ڪڏهن ڪڏهن سخت ناراض پڻ ٿي پوندا هُتا، هاڻي کين روحاني فخر محسوس ٿيڻ لڳو ڇاڪاڻ ته اُنهن ايندڙ وقت ۾ پنهنجي فتح ٿي ڏٺي، "توهان نظارن جا شوقين آهيو" ترٽولين اظهار ڪو ڪري، "ته پوءِ تمام زبردست نظارن ڏسڻ جي اُميد رکو. ۽ اُهو هوندو پوري ڪائنات جي آخري ۽ دائمي انصاف جو نظارو. مان کيئن تعريف کريان، کيئن ٿهڪ ڏيان، کيئن خوشيون ملهايان، کيئن باغ باغ ٿيان، جڏهن آءٌ ڪيترائي مغرور بادشاهه ڏسي رهيو آهيان، ۽ تصوراتي ديوتا پڻ جيڪي انڌاري جي غارن ۾ درد کان دانهون ڪري رهيا آهن: ڪيترائي مُجسّريٽ ڏسي رهيو آهيان، جن آقا جي نالي کي به تڪليف پهچائي هئي، جيڪي سخت ترين باهه ۾ پاڻي پاڻي ٿي رهيا آهن. اُها باهه ان کان به شديد آهي جيڪا عيسائين لاءِ پڙڪائي وئي هئي: ڪيترائي درويش ۽ فيلسوف ڏسي رهيو آهيان جيڪي پنهنجن گمراهه پوئلڳن سان گڏ گرم ترين شعلن ۾ پچري رهيا آهن: ڪيترائي وڏا وڏا شاعر ججن جي آڏو ڏکي ۽ ڪنبي رهيا آهن، ۽ ڪيترائي اهڙا آهن جيڪي هينئر مظلوم لڳن ٿا ۽ پنهنجين تڪليفن ۽ عذابن جي بيان ڪرڻ ۾ فصاحت سان نظر اچن ٿا ۽ ڪيترائي ناچُو به نظر اچي رهيا آهن. ۽ مهربان پڙهندڙن جي انسانيت ۽ رحم دلي اُميد ته مونکي ان ڳالهه جي اجازت ڏيندي ته وڌيڪ دوزخين جي بيان کي هاڻي روڪجي جنهن کي هڪ جوشيلو آفريڪي ماڻهو پنهنجي مزي خاطر ۽ توڪ طور شايد جاري رکي ها."[72]

ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ناهي ته اوائلي عيسائين ۾ ڪيترائي اهڙي طبيعت جا هيا جيڪي پنهنجي شعبي ۾ نرمي ۽ سخا تي مائل هيا. اُنهن ۾ ڪيترائي اهڙا به هيا جيڪي پنهنجي دوستن ۽ پنهنجي ملڪي ماڻهن کي تڪليف ۾ ڏسي اُنهن لاءِ همدرديءَ جو جذبو رکندا هُتا ۽ سندن وڌ ۾ وڌ اها ڪوشش هوندي هئي ته پنهنجن دوستن ۽ سائين کي سخت خطري ۽ تباهيءَ کان بچائين. گهٽ خدائن جو بيپرواهه پوڄيندڙ جيڪو ڪيترن ئي نوَن خطرن کان بنهه ڌنل هو، جنهن جي لاءِ نه ته سندس پادري ۽ نه وري سندن فيلسوف کي حفاظتي اُپاءُ وٺي ٿي سگهيا، اُهو سخت دائمي عذابَ جي پئُ کان سخت پريشان ۽ بيحد هيسيل هو. سندس خوف ممڪن آهي ته هنجي عقيدي ۽ دليلن جي ڪا مدد ڪري سگهي، جيڪڏهن هو پاڻکي سوچڻ ۽ شڪ ڪرڻ لاءِ به آماده ڪري ته عيسائي مذهب شايد سچو هجي: ته پوءِ ڪيس يقين ڏيارڻ آسان ٿي پوندو ته اهو محفوظ ترين مذهب ۽ هڪ اهڙي جماعت هئي جنهن ۾ شامل ٿيندي هو ان کي پنهنجي بهتري سمجهندو.

III بهشتي تحفا، جيڪي هن دنيا جي زندگي ۾ پڻ هي انسانذات جي مقابلي ۾ عيسائين ڏي منسوب هيا، اُهي کين پنهنجي ئي آرام ۽ آسائش ۾ مددگار ثابت ٿيا هوندا ته ساڳي وقت بي دين ماڻهن کي يقين ڏيارڻ لاءِ به اهي مفيد ٿيا هوندا. ڪجهه غير معمولي ماڻهن ڪانسواءِ جيڪي ڪڏهن قدرت طرفان مداخلت ڪرڻ تي متاثر ٿيا هوندا جڏهن هن مذهب جي خدمت ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪجهه وقت لاءِ فطرت جي قانونن کي به روڪي ڇڏيو هو،

عيسائي ڪليسا، حوارين ۽ اُنهن جي پهرين پوئلڳن جي وقت کان وٺي، [73] معجزاتي طاقتن جي لڳاتار دعويدار رهي آهي جن ۾ زبان جي روانيءَ جا تحفا، دوراندیشي واري سوچ، پيشنگوئين، شيطانن کي ڪڍڻ جي طاقت، بيمارن کي شفا ڏيڻ ۽ مُردن کي جيئارڻ جا معجزا شامل آهن. ڏاڙين زبانن جو علم اڪثر ڪري آئرينيئس جي همعصرن کي ڏايو پئي ويو آهي، توڙي جو آئرينيئس کي خود بربرن جي لهجي سمجهڻ ۾ ڏکيائي پئي محسوس ٿي پر تڏهن به هن انجيل جي تعليم ڳال جي ماڻهن کي پئي ڏني. [74] خدائي اثر، پوءِ توڙي جاڳندي حاصل ٿئي يا ننڊ ۾، ڪنهن خواب يا لقاءَ ذريعي ملي، هڪ وڏي نعمت آهي جيڪا سڀني عقيدتمندن کي عطا ٿيندي آهي جنهن ۾ عورتون، بزرگ، ٻار توڙي پادري سڀيئي شامل هوندا آهن. جڏهن انتهائي عقيدتمند ماڻهو پاڻ کي پوريءَ طرح عبادت لاءِ تيار ڪندا هيا، روزا رکندا هيا يا جاڳندا هيا تہ جيئن گهربل روحاني طاقت کين حاصل ٿئي تہ اُهي اهڙي طلب جي جستجو ۾ پنهنجي هوش ۾ نہ رهندا هئا ۽ هڪ بيخودي جي ڪيفيت ۾ وڃي آزادي حاصل ڪري مٿاهون مرتبو ماڻيندا هيا ۽ پاڻ ۾ ان پاڪ روح (Holy Spirit) جو حصو بنجي ويندا هيا بلڪل ائين جيئن ڪو نڙ يا بانسري هجي ۽ ان ۾ ڪو ڦوڪ ڏئي ۽ سڀ هڪ ٿي وڃن. [75] اسان هتي اهو به ٻڌائيندا هلون تہ هنن روحاني تجربن جو مقصد گهٽي پاڳي ڪليسا جي مستقبل جي تاريخ کيٰ آشڪار ڪرڻو هو يا موجوده سرشتي جي رهبري ڪرڻي هئي. اُنهن بدقسمت انسانن جي جسمن مان بدروحن کي ڪڍڻ، جن لاءِ کين اڳ اجازت ملیل هئي تہ هو کين پلي تڪليف پهچائن، ڪي هڪ ڪاميابي ۽ مذهب جي فتح سڏيو ويو ۽ قديم معاني جي طلبگارن طرفان اها بار بار دعويٰ ڪئي وئي تہ اهو هڪ اهڙو ڪارنامو هو جيڪو عيسائيت جي سچائيءَ جو وڏو ثبوت هو. اهو ڪارنامو گهٽو ڪري قومي سطح تي ٿيندو هو ۽ تمام گهٽن تماشبينن جي موجودگي ۾ ڪيو ويندو هو: مريض جي جان جنّ ڪڍڻ واري يا پوپي جي طاقت ذريعي ڇُٽندي هئي ۽ جنهن جنّ تي قبضو ٿيندو هو تہ اهو پاڻ مڃيندو هو تہ هو قديمي زماني جي قصن ڪهاڻين وارو ديوتا هو جنهن انسانذات جي عظمت ۽ تعريف کي ناپاڪائيءَ ذريعي هڙپ ڪيو هو. [76] ۽ پراڻن ۽ مشڪل مرضن جي معجزاتي شفا، جيڪا فطرت کان به مٿاهين لڳندي هئي، ان تي هروڀرو وڏو تعجب نہ لڳڻ گهرجي، ڇو تہ جيڪڏهن اسان پنهنجي ياد تي زور ڏيون تہ آئرينيئس جي ڏينهن ۾ ٻي صدي عيسوي جي پڇاڙيءَ تي مُٺن کي زندهہ ڪرڻ ناممڪن نہ هوندو هو، پر اهو معجزو اڪثر ڪري ڪن خاص موقعن تي وڏي روزي رکڻ سان ۽ ڪليسا جي منت زاري ڪرڻ سان سرانجام ڏنو ويندو هو ۽ اُهي ماڻهو جيڪي زندهہ ڪيا ويا هيا، تہ جيئري ٿيڻ کان پوءِ هُو ڪيترائي سال هن دنيا ۾ رهيا هيا. [77] اهڙي زماني ۾ جڏهن مذهب کي موت تي فتح حاصل ٿيڻ سڀ وڏو فخر حاصل هجي، تہ اُنهن نقادن ۽ فيلسوفن تي حيرت ٿي ٿئي جن ايجا تائين مُردن کي جيئارڻ جي عمل کي رد ٿي ڪيو ۽ اهڙي عمل ڪرڻ وارن تي ڏٺوليون ٿي ڪيون. هڪ معزز گريشين هن فساد واري معاملي تي هڪ اهم ڳالهہ ڪُٽي ۽ ائٽنئڪ جي پادري ٿيوفيلس سان واعدو ڪيو تہ جيڪڏهن ڪيس کي هڪڑو ماڻهو به اهڙو ڏيکاريو وڃي جيڪو مئل مان زندهہ ڪيو ويو هجي تہ هو بنادير جي عيسائي مذهب اختيار ڪري ڇڏيندو. اها ڳالهہ بهرحال نمايان آهي تہ پهرين مشرقي ڪليسا جي سردار، پنهنجي دوست جي مذهب مٿائڻ تي توڙي جو خوش به ڇو نہ هجي، پر هن ان ۾ پنهنجي خيريت سمجهي تہ اهڙي مناسب للڪار کي قبول ڪرڻ بجاءِ ان تي چُپ ڪٽي ڪيائين. [78]

اوائلي ڪليسا جا معجزا، زمانن گذرڻ جي منظوري ملڻ بعد آزاد ۽ وڏي جاکوڙ ڪانپو، تنقيد جو نشانو بنجي ويا آهن. جن کي توڙي جو عوام طرفان، ڪافي پذيرائي حاصل ٿي آهي؟[79] پر عمومي طرح اُنهن تي ماڻهن جو جوش به وڌيو آهي ۽ جيڪي مذهبي ماڻهو خاص طرح تي يورپ جي گرجائن جا پروٽيسٽنٽ آهن، اُنهن طرفان ڪافي اعتراض اٿاريا ويا آهن.[80] هن موضوع تي اسانجو جيڪو رايو هوندو تہ اُهو اسانجي مطالعي جي عادت جو آئينو هوندو ۽ ڪنهن هڪ طرفي دليل جو عڪاس نہ هوندو ۽ سڀ کان وڌي ڳالهہ تہ اسان ان کي ڪنهن پڪي پُختي شاهديءَ جي ڪسوٽيءَ تي پرکيناسين جيڪا اسانکي اهڙن معجزن جي باري ۾ يقين ۽ دليلن سان ثبوت پيش ڪري. هڪ تاريخدانن جو اهو ڪر نہ آهي تہ اهڙي عملي ۾ اختلافي موضوع تي پنهنجو ذاتي فيصلو ٻين ماڻهن مڙهي پر ساڳي وقت حقيقتن کي لڪائڻ جي بہ ڪوشش نہ ڪري تہ اهڙو ڪو اصول ناهي جيڪو مذهب سان تہ ملندڙ جُلندڙ ۽ ٽهڪندڙ هجي پر دليل يا منطق سان ٽڪراءُ پيدا ڪري. پر ان اصول جي ڇڪيءَ طرح ڇنڊ ڇاڻ ڪري ۽ هڪ سڻي دوڙ جي ڳالهين کي باريڪ بينيءَ سان ٽڪي توري ۽ ماڻهن کي ٻڌائي: يعني اهڙو دوڙ جيڪو غلطين ۽ دوکن کان پاڪ هجي، جنهن لاءِ اسان فوق الفطرت طاقت جا تحفا آڇڻ لاءِ تيار ٿي وڃون. پهريون وڏڙن ۽ بزرگن کان وٺي آخري پادرين تائين، ٻاوَن، درويشن، شهيدن ۽ معجزن جو هڪ لڳاتار سلسلو هلندو آيو آهي جنهن ۾ کو بہ رُڪنو يا رنڊڪ نہ آئي آهي ۽ ساڳي وقت وهمن وسوسن جي ترقي بہ ايتري تہ لڳاتار ۽ چپ چاپ ۾ هلندي رهي آهي جو اسان کي خبر ئي نٿي پوي تہ رسمن روايتن جي هڪ لڳاتار سلسلي کي ڪٿي ختر ڪجي يا کهڙي ۽ ڪيتري حد تائين وڌي وڃجي. هر دوڙ ۽ هر زماني ۾ اهڙا واقعا ضرور ٿيا آهن جيڪي ان دوڙ جي حساب سان نمايان رهيا آهن تہ اُنهن واقعن يا ڳالهين جي ڪري ئي اُهو دوڙ ٻين کان مختلف رهيو آهي ۽ ان دوڙ جي عظمت جي شاهدي بہ اڳين دوڙن يا نسلن کان ڪنهن بہ قيمت تي گهٽ يا غير اهم نہ آهي پر اسان کي جيڪڏهن کو الزام ڏيڻو آهي تہ اُهو بہ فقط پنهنجين ڪوتاهين يا ذهني ڪمزورين کي ئي ڏيناسين ڇو تہ جيڪڏهن اسان اڻين يا ٻارهين صديءَ ۾ عزت واري بيڊ(Bede) يا پارسا برنارڊ کي اُهو رتبو نہ ڏيناسين جيڪو اسان ٻي صدي عيسوي ۾ جسٽن يا آئرينيس کي ڏنو هو[81] تہ پوءِ اها اسان جي پاران ناانصافي هوندي. جيڪڏهن انهن سينئي يا ڪنهن بہ هڪ معجزي جي سچائيءَ کي ان جي عمل يا معقوليت ذريعي جاچيو يا پرکيو وڃي تہ پوءِ معلوم ٿيندو تہ هر زماني ۾ ڪيترائي بي دين ماڻهو هيا جن کي يقين ڏيارڻو پوندو هو، تفرقي باز مذهب جا منکر هيا جن کي غلط ثابت ڪرڻو هوندو هو ۽ بت پرست قومون هونديون هيون جن کي بدلائي صحيح راهہ تي آڻڻو پوَندو هو ۽ ڪيترائي دليل يا مقصد بيان ڪري سگهجن ٿا جيڪي قدرت يا رب العزت طرفان جائز مداخلت جو موقعو خود پيدا ڪن ٿا. ان جي باوجود جيئن تہ الهامي قوتن جا دوست حقيقت ۾ يقين رکن ٿا ۽ هر معقول ماڻهو معجزن جي طاقت ۾ ڪنهن وقفي اڇڻ جو قائل هوندو تہ پوءِ اهو يقين سان چئي سگهبو تہ اهڙو وقفو يا وقت ڪٿي ضرور آيو هوندو جڏهن اهي معجزا يا تہ اوچتا يا وري آهستي آهستي عيسائي چرچ کان هٽايا ويا هوندا. ان مقصد لاءِ جيڪو بہ دوڙ چونڊيو ويو هجي، پوءِ چاهي حوارين جو موت هجي، روم جي شهنشاهت جي تبديلي يا آرين جي لادينيت جي تباهي ۽ عيسائين جي نامعقوليت جيڪي ان دوڙ ۾ رهندا هٿا، اهي سيئي ڳالهيون گڏجي اسان جي لاءِ اچرج جو باعث بنجن ٿيون. طاقت ۽ اختيارن کان محروم ٿيڻ جي باوجود بہ اُنهن

پنهنجي دعويٰ تي زور ڏي پريو. سادگيءَ عقيدي جي جڳهه ولي ڇڏي، مذهبي جنون کي ويساهه ۽ اُتساهه جي زبان عطا ڪئي وئي ۽ ڪنهن به حادثي يا هڪ ٽوڪئي واقعي کي فطرت کان مٿاهون سمجهي ان ۾ اعتبار ڪيو ويو. صحيح ۽ سچن معجزن جو تازو تجربو عيسائي دنيا کي الله تعاليٰ ڏي ويندڙ رستي اختيار ڪرڻ جو سبق ڏئي ها ۽ سندن نظرن کي هڪ فطري ذات جو مالڪ بنائي ها. (جيڪڏهن اسان صحيح هولي استعمال ڪريون) ڇا موجوده اٽلي جو ڪيڏو به وڏو پينٽر پنهنجي ڪمزور، اٽپورين ۽ ڪاپي ڪيل تصويرن کي رافيل يا ڪوريجئو (Raphael or Correggio) جي نالن سان منسوب ڪرڻ جي جرئت ڪري سگهندو؟ جيڪڏهن ائين ڪندو ته اهو گستاخي ۽ بي حيائي وارو دوکو جلدئي پڪڑجي پوندو ۽ هر طرف کان اهڙي نادانيءَ کي سخت نفرت ۽ ڪاوڙ مان نِندیو ۽ رد ڪيو ويندو.

حوارين جي وقت کان وٺي، اوائلي ڪليسا طرفان ڄاڻايل معجزن لاءِ ڪهڙي به راءِ جو اظهار ڀلي ڪيو ويو هجي، ته سندن طبيعت جي نرمي جيڪا ٻي ۽ ٽين صدي عيسوي ۾ مذهبي ماڻهن ۾ نهايت ئي نمايان هوندي هئي، ته ان سندن سچائي ۽ مذهب کي ڪجهه وقتي فائدو ضرور پهچايو. جديد دور ۾ ڪل ۽ غير دانسته طنز به نيڪ ماڻهن جو طريقو رهجي ويو آهي. اُنهن طرفان ڪجهه الهامي سچاين کي مڃڻ جو مطلب سندن اعتراف ڪرڻ گهٽ پرخاموشي سان قبوليت وڌيڪ آهي. جيئن ته اسان فطرت جي اڻ تبديل ٽيندڙ سرشتي سان مانوس آهيون ۽ ان جو احترام به ڪريون ٿا، پر اسان جو منطق توڙي اسان جو تصور به ايترو طاقتور نه آهي جو اسان رب العزت جي ڪنهن ظاهري عمل جو تاب برداشت ڪري سگهون. به عيسائيت جي پهرين زمانن ۾، انسانذات جون حالتون بلڪل مختلف هيون. لادين ماڻهن ۾ بيحد ذهين يا تمام سادن ماڻهن تي اڪثر ڪري زور پريو ويندو هو ته هو اهڙن ماڻهن سان تعلق رکن جن کي معجزن ڪرڻ جي پربور طاقت هئي.[82] اوائلي عيسائي مسلسل اهڙي جستجو ۾ رُڌل رهندا هئا جنهن ۾ صوفياڻو رنگ يا رمزيت هجي ۽ سندن ذهن فقط اُهي ڳالهيون مڃڻ جو عادي هو جيڪي تمام مٿاهيون ته هوندیون هيون پر عام فهم هرگز نه هوندیون هيون. اُهي محسوس يا تصور ڪندا هيا ته ڪين هر وقت ۽ هر طرف کان شيطانن يا بدروحن مسلسل طور تي سخت پريشان ٿي ڪيو. سندن سوچ ڪين فرحت ٿي پهچائي، الهام ذريعي ڪين هدايتون ٿي مليون، ۽ حيرت انگيز طور تي اُهي خطرن، بيمارين ۽ خود موت کان به هاڻي بي ڊپا ٿي چڪا هيا جو ته اُنهن ڪليسا کي وينتيون ۽ مِنتون ڪيون هيون. هو پاڻ کي سچن يا خيالي ۽ غير معمولي انسانن جو مقصد، اوزار يا تماشبين سمجهندا هئا ۽ خوشيءَ سان ڪين انجيل مقدس جي تاريخ جا مستند ڪرشما ڏسڻ ۽ اختيار ڪرڻ لاءِ چوندا هئا ته اُهي آسانيءَ ۽ انصاف جي نظر سان پنهنجي اندر ۾ اوتين ۽ اُنهن معجزن، جيڪي سندن پنهنجي تجربي کان به وڌيڪ هيا، ڪين بيحد متاثر ڪيو هو ۽ ڪيترن ئي دلچسپ رازن طرف سندن توجه ڇڪرايو هو جن لاءِ اهو تسليم ڪيو ويو هو ته اُهي سندن سمجهه کان تمام گهڻا ڳُوڙها ۽ مٿاهان هيا. اهو فوق الفطرت ۽ سچين حقيقتن جو اثر آهي جنهن کي عقيدي يا مذهب جي نالي ۾ تمام گهڻي پذيرائي ملي آهي؛ هيءَ اها ذهني ڪيفيت آهي جيڪا قدرت جي مهرباني ۽ مستقبل جي خوشين جي يقيني ضمانت آهي جنهن لاءِ ٻڌايو ويو آهي ته هڪ سچي عيسائيءَ جي اِها ئي پهرين ۽ شايد واحد لياقت ۽ نشاني آهي. وڌيڪ سخت اصول پرستن ۾ جيڪي اخلاقي اوچايون آهن، جيڪي بي دينن وٽ به ڪڏهن ڪڏهن هوندیون آهن، اُنهن جي، اسان جي معيار مطابق نه ته ڪا حيثيت آهي نه وري اُنهن جو ڪو فائدو آهي.

IV پر اوائلي عيسائين پنهنجي عقيدي کي پنهنجي ڪردار ذريعي ظاهر ڪيو. ۽ اهو جائز طرح فرض ڪيو ٿي ويو ته قدرتي ترغيب، جنهن ڏهن کي يا ته منور ڪيو يا بنهه ڏٻايو ٿي، پر ساڳي وقت دل کي يقيني طور تي پاڪ ڪري ٿي ڇڏيو ۽ عقيدتمند جي عملن لاءِ رهبري به ڪئي ٿي. عيسائيت جا پهريان معلمي، جا طالب جيڪي پنهنجن پاڻن ۽ عزيزن جي معصوميت کي درست سمجهن ٿا ۽ پوئين دؤر جا ليڪڪ جيڪي پنهنجن ابن ڏاڏن جي احترام ۽ تقدس کي ملهائڻ ٿا، اُهي چمڪندڙ ۽ تيز رنگن ۾ اعليٰ اخلاق ۽ عادتن جي طريقن کي نمايان ڪن ٿا. جيڪي انجيل جي سکيا ذريعي پوري دنيا ۾ پکڙيا هيا. جيئن ته منهنجو ارادو فقط اُنهن انساني سببن تي روشني وجهڻ جو آهي جن کي الهام جي اثر جي تائيد ڪرڻ جي اجازت ملي هئي ته آءٌ هتي به مقصد مختصر طور بيان ڪندس جيڪي اوائلي عيسائين جي زندگي کي، سندن همعصر لادينن يا سندن وقت جي بگڙيل پوئلڳن جي مقابلي ۾ وڌيڪ نيڙ، صاف ۽ سادگي پسند ڏيکارينداَ. سندن ماضي جي گناهن تي ندامت جو اظهار به ان ۾ هوندو ۽ ساڳي وقت سندن تعريف لائق ان خواهش جو ذڪر به ان ۾ نظر ايندو جنهن ذريعي هو هڪ اهڙي سماج جي شهرت ۽ عزت جي تائيد ڪندڙ هيا جنهن سان سندن لڳ لاڳاپا ۽ رهڻي ڪهڻي وابسته هئي.

اها هڪ قديمي ملامت آهي جيڪا دهرين يا لادينن طرفان جهالت يا ڪدورت منجهان مڙهي وئي هئي ته عيسائي انتهائي خطرناڪ ڏوهارين کي پنهنجي مذهب ۾ داخل ڪندا هيا جن کي جڏهن به ضمير جي ملامت يا پڇتاءَ جو احساس اندر ۾ ڇُهنڊيون پائيندو هو ته، ڪين پاڪائي جي غسل ڏيڻ لاءِ آماده ڪيو ويندو هو ته جيئن هو پوين گناهن جي احساس ۽ غلاظتن کي ڌوئي، صاف ۽ پاڪ ٿي وڃن جن کي ديوتائن جا مندر ڪفارو ادا ڪري پنهنجن گناهن بخشرائڻ لاءِ اندر وڃڻ جي اجازت ٿي نه ڏيندا هيا. پر هيءَ ملامت جڏهن ٻُهتان بازي ۽ غلط بيانيءَ کان بلڪل صاف ٿي وئي ته پوءِ مذهب جو وقار بلڪل ايترو ۽ ان حد تائين وڌيو جيترو اڳ ڪليسا جي سلسلي ۾ ٿيو هو.[83] عيسائيت جا دوست بغير ڪنهن هڪ يا رڪاوٽ جي، اهو اظهار يا اعتراف يقينن ڪندا ته تمام ناميارا درويش ۽ اوتار به پاڪائي جي غسل (Baptism) کان اڳ تمام گهڻا ۽ تڙيل گنهگار هيا، اُنهن ماڻهن جن هن دنيا ۾، ڪٿي پوري صحيح طريقي سان نه ٿي سهي، مهرباني، رحم دلي ۽ معقوليت جو مظاهرو ڪيو هو ته ڪين پنهنجي ٿي صحيح طريقي سان هلڻ منجهان ايترو ته ماڻ ميڻ وارو سڪون ۽ سرور مليو هو جو اڳتي لاءِ ڪين ڪنهن به قسر جي ندامت، پڇتاءَ، ڏک ۽ خوف جو جهٽڪو محسوس نه ٿيو هوندو ۽ هي سيڪجهه مذهبي تبديلي جون نعمتون هيون. سندن روحاني پيشوا جي مثال کانپوءِ، انجيل جي پرچار ڪندڙن کي پوءِ ماڻهن جي سماج کان به نفرت اچڻ لڳي ۽ خاص طرح عورتن کان جو ته جيڪا سندن اندر ۾ ضمير جي سُجاڳي منجهن آئي هئي ۽ ڪين پنهنجي غلطين ۽ گناهن جو احساس ٿيو هو ته ان اثر ڪين ۾نهه بدلائي ڇڏيو هو. جيئن اُهي گناهن جي غوراب ۽ وهمن وسوسن جي چارَ مان ٻاهر نڪتا ته منجهن لازواليت جي اُميد پيدا ٿي پئي ته اُنهن هاڻي فيصلو ڪري ورتو ته هاڻي هو نه رڳو نيڪي واري پڇتاءَ ۽ ملامت واري زندگي گذارينداَ. پر سندن روح ۾ هاڻي هڪ مڪمل انسان بنجڻ جي خواهش جاڳي پئي، ۽ اها ڳالهه جيئن سيني کي خبر آهي ته دليل ۽ منطق هڪ وِچڑي بي حس ماڻهوءَ سان دوستي رکندو آهي پر اسانجا جذبا تمام تکڙ ۾ ۽ شدت سان اُها جڳهه وجي والارينداَ آهن جيڪا بن متضاد پچاڑين جي وچ ۾ هوندي آهي.

جڏهن نئين مذهب ۾ داخلا وٺڻ وارا تعداد ۾ وڌي ويا ۽ اُنهن کي عقيدتمندن ۾ شامل ڪيو ويو ۽ ڪين ڪليسا جي رسمن ۾ به داخل ڪيو ويو ته اُنهن پاڻ ۾ هڪ تبديلي محسوس ڪئي ته جڏ ڪين پراڻين غلط قسر جي عادتن کان خود بخود روڪ ٿي وئي آهي. اها تبديلي روحاني گهٽ پر معصوم ۽ عزت واري وڏيڪ هئي. ڪابه سوسائٽي جيڪا پنهنجي وسيع قومي برادريء ۽ مذهب کان ڇڄي وڃي ٿي ته پوءِ اُها يا ته هڪ آفاقي حيثيت وٺي وڃي ٿي يا وري هين جي بغض ۽ ڪيني جي نذر ٿي وڃي ٿي. جيئن ته اُنهن جا ميمبر ٿوري تعداد ۾ ٿين تا ته ان سوسائٽي جي ڪردار تي ڇڳاين يا براين جي اثر پوڻ جو دارومدار سندن ميمبرن جي ذاتي ڪردار سان واسطو رکي ٿو ۽ هر ميمبر وڏي غور سان پنهنجي هلت چلت تي پاڻ غور سان نظر رکي ٿو ته پنهنجي دوستن ۽ عزيزن ڏي به ڏيان ڏري ٿو. ڇو ته جيڪڏهن پنهنجي ۽ دوستن جي مجموعي ڪردار سان ڪين ذلت جو مُنهن ڏسڻو پئجي وڃي ته پوءِ ڇو نه مجموعي طريقي سان گڏجي اهڙو ڪم ڪجي جو هنجي پنهنجي ۽ سندس دوستن عزيزن جي عزت ۽ ناموس ۾ واڌارو ٿئي. جڏهن ٻڌنيا جا عيسائي ننڍي پلني جي ڪورٽ ۾ آندا ويا ته اُنهن مئجسٽريٽ کي يقين ڏياريو ته هو ڪنهن به غير قانوني ۽ بري ڪم ۾ ملوث هجڻ جي بجاءِ، اُهي هڪ ڪيل وَچن ذريعي پابند هيا ته هو ڪو به جرم يا ڏوهه جو ڪم هرگز نه ڪندا جنهن ذريعي سڄي سوسائٽي جو مجموعي يا ذاتي امن امان ۾ ڪو رخنو پوي يا سُکون جو ماحول تباهه ٿئي. تنهنڪري هو چورين، لُٽ مار، زِنا، قَسر تي ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ دوکي بازي کان ڪوهين دور هيا. [84] هڪ صدي پوءِ، ٽرٽولين، هڪ مخلصيءَ واري فخر وچان چئي رهيو هو ته جَلاد جي هٿان تمام گهٽ عيسائي ماريا ويا هيا سواءِ ان جي ته هو مذهبي تعصب جو شڪار ٿيا هجن. [85] سندن صفائي ستائي واري ۽ الڳ ٿلڳ زندگي، جيڪا ان دؤر جي اوباش ۽ عياشي واري رهٽي ڪهٽي کان بلڪل مختلف هئي، ڪين پاڪدامني، پرهيز گاري، قناعت، بردباري ۽ سٹي ڪردار طرف آماده ڪري ڇڏيو هو. جيئن ته گهٽا ماٿو ڏنڊي ڏاڙي سان تعلق رکندا هيا، ته اهو اُنهن جي ايمانداري ۽ سچائيءَ لاءِ لازمي هو ته اُهي شڪ شبهات دور ڪن جيڪي مذهب تي نئولیون ڪرڻ وارا ڪنهن به پاڪ شئي جي ظاهر ٿيڻ تي غلط سوچُن ۽ عملن ذريعي ڪندا رهندا آهن. دنيا جي نفرت ڪين عجز، انڪساري ۽ صبر جي تلقين ڪري ڇڏي هئي. جيئن مٿن ظلم وڏيڪ ٿيندو هو، تيئن هو هڪ ٻئي جي وڏيڪ ويجها ٿيندا ويندا هيا، هڪ ٻئي لاءِ اُنهن جي سخا، فياضي ۽ اعتماد جي لاءِ لادين ڪوڙ ڪو غلط تبصرو ڪندا رهندا هيا، ۽ سندن دوڪيباز دوست انجو ناجائز فائدو ونندا هيا. [86]

اوائلي عيسائين جي اخلاقي قدرن لاءِ اها وڏي فخر جي ڳالهه آهي ته سندن قصور ۽ غلطيون به سندن اخلاق جي جَهجهي هئڻ مان ڳوليا ويندا هيا. ڪليسا جا پادري ۽ ڊاڪٽر جن جي شاهدي توڙي اختيار، سندن ڪمن، اصولن ۽ سندن همعصرن جي عملن جي تصديق به ڪندا هيا ته اُنهن تي اثر انداز به ٿيندا هيا، پر اُنهن مقدس ڪتابَ ذهانت سان گهٽ پر عقيدي مان وڏيڪ پڙهيا هيا ۽ اُنهن حضرت عيسيٰ (ع - س) ۽ سندس حوارين جي سخت فرمانن کي جيئن جو تيئن حاصل ڪيو هيو جنهن لاءِ بعد جي تبصري ڪندڙن جي دوراندیشي، انهن جي معنيٰ ۽ مفهوم ڪيڏ ۾ اجائي لفاظي ڪئي آهي ۽ ڦيرواڳ معنيٰ لکي ڇڏي آهي. انجيل مقدس جي ڪمالیت کي فلسفي کان به مٿي ڪرڻ جي شوق ۾، جوشيلن بزرگن پاڻ کي مارڻ، پاڪائي ۽ صبر جي خدمتن کي ايترو ته مٿاهين چوٽيءَ تائين کڻڻ جي

کوشش ڪئي آهي، جتي پهچڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي، ۽ ڪمزورين ۽ اخلاقي بگاڙ جي موجوده حالتن ۾ وري جي پهچي به وڃجي ته ان تي ثابت قدم ٿي رهڻ هيڪاري مشڪل ڪم آهي. اهڙو فلسفو يا اصول جيڪو تمام شاندار ۽ مٿاهون هجي، انجو دنياداريءَ وارن ماڻهن سان يڪراءِ ٿيڻ مشڪل ٿي لڳو جيڪي هن عارضي دنيا جي معاملن ۾ فقط معاملن ۾ فقط فطرت جي احساسن ۽ سماج جي گهُرجن کي نظر ۾ رکن ٿا. [87]

انسان جي لاءِ ۾ فطري لاڙا يا رجحانَ، جيڪي سڀي ڪردار ۽ آزاد خياليءَ جي طبيعت جي وچ ۾ فرق پيدا ڪن ٿا، اُهي خوشيءَ لاءِ پيار ۽ عمل سان محبت وارا رجحان آهن. جيڪڏهن خوشيءَ جي پيارَ سان گڏوگڏ علم حاصل ڪرڻ جو فن جيڪو سماجي اٽڪي ويهڻي ذريعي بهتر ٿئي ٿو ۽ سادگي، صحت ۽ ناموس لاءِ اونو ۽ عزت جي جذبي رکڻ سان اهو صحيح طريقي سان هلي ٿو ته پوءِ اهڙو فطري لاڙو ذاتي زندگيءَ ۾ تمام گهڻيون خوشيون آڻي سگهي ٿو. هوڏانهن عمل سان پيار، مضبوط رهڻ جو هڪ اصول آهي جيڪو ڪڏهن شڪَ ۾ به مبتلا ڪري ٿو ڇڏي. ان ذريعي ڪاوڙ، خواهش ۽ انتقام جا جذبا وڌي وڃن ٿا؛ پر جڏهن ان جذبي کي مقبوليت، رحم دلي ۽ مهرباني ڪرڻ جي رهبري ملي ٿي ته پوءِ ساڳيوئي جذبو هر نيڪي ۽ اخلاق جو ابو ٿي وڃي ٿو ۽ جيڪڏهن اهڙي سڀي ڪردار سان اوتري ئي وڏي اهليت ۽ قابليت به گڏ هجي ته پوءِ هڪڙو خاندان، هڪ ملڪ يا هڪ بادشاهت، پنهنجي سلامتي، بهبود ۽ بهتري لاءِ هڪ ماڻهو جي بي مثال جرئت ۽ همت جا بيحد احسانمند رهن. خوشيءَ جي پيار لاءِ قبول ڪرڻ جهڙين ۽ عمل جي پيار لاءِ تمام گهڻين ۽ وقار جهڙين لياقتن جو هجڻ هڪ لازمي شرط آهي. اُهو ڪردار جنهن ۾ هنهي لياقتن جو ايڪي ۾ هجڻ ۽ هر لحاظ سان هڪ ٻئي سان ملي وڃڻ انساني فطرت جي بهترين گهُرج هوندي جيڪا ماڻهن جي ترقي، بهبود ۽ بهتريءَ جي ضامن هوندي. انساني وصفن ۾ جڏهن عقل ۽ عمل ٻئي نه هوندا يا اهڙن گڻن کان وانجهيل هوندا ته پوءِ اهڙي نااهليءَ کي انسانذات تڙي پڃائي ڪيندي ڇو ته اهڙن اَوگڻن سبب نه ته فردن کي ڪو فائدو ملندو ۽ نه وري دنيا جي ڪنهن بني بشرکي ڇگائيءَ يا بهتريءَ جا ڪا اُميد هوندي. پر اوائلي عيسائين جيڪي پنهنجي لاءِ قبوليت جون يا فائديمند انسان ٿيڻ جون کوششون ڪيون تي ته اُهي هِن دنيا جي لاءِ نه هيون.

ڄاڻ جو حاصل ڪرڻ، دليلن يا تصور جو عمل، ۽ غير محتاط ڳالهه ٻولهه جو وهڪرو، اهي سڀ ڳالهيون هڪ فراخ دل ذهن جي فرصت جي وِندُر وِرونُهن جو سامان آهي. اسانجي بزرگن ۽ وڏڙن اهڙين تفريحن کي نه رڳو رد ڪيو هو بلڪ اُنهن کان نفرت ڪئي هئي ۽ جيڪڏهن ڪنهن موقعي تي اُنهن منظوري به ڏني هئي ته ان ۾ بيحد احتياط ڪيو هو ڇو ته اُنهن هر اهڙي علم يا ڄاڻ کان بچڻ ڪئي هئي جيڪا نجات يا ڇوٽڪاري ڏيارڻ ۾ فائديمند ثابت نه ٿئي ۽ هو ته ان حد تائين به ويا هيا جو هر فضول گفتگو يا بحث مباحثي کي هنن تقرير جي فن يا ذاتِ جو مجرماڻو ۽ غلط استعمال ڪوٺيو هو. اسانجي موجوده وجود ۾، جسر، روح سان هڪ اَٽوٽ رشتي ۾ ڳنڍيل آهي جو اسان دلچسپي، معصوميت ۽ اعتدال سان اها ڳالهه آزمائڻ تا چاهيون ته هنهي جي انهي رشتي ۾ سهَپ ۽ وفاداريءَ جي ڪيتري قوت رکيل آهي. اسانجي مذهبي ڏاڏن جا دليل عجيب وغريب هوندا هيا، هڪ اجائي ڪوشش ۾ رُڌل رهندا هيا ته ڪنهن طرح فرشتن جي هر لحاظ سان مڪمل هئڻ واري ڪردار جي ڪاپي ڪجي، اهڙيءَ طرح هو هر زميني ۽ جسماني خوشي ماڻڻ کان صفا نفرت ڪندا هئا. [88] اسان جا ڪجهه حواسَ، اسانجي حفاظت لاءِ ضروري آهن،

ٻيا اسانجي گذاري ۽ هلڻ چلڻ لاءِ آهن ۽ ايا، ٽيان وري اسان جي اطلاع ڏيڻ واسطي آهن، تنهنکري اهو ناممکن هو ته اهڙن کارآمد حواسن کي رد ڪجي يا اُنهن جي ضرورت کان مُنهن موڙجي. جيڪو پهريون خوشيءَ جو احساس کين مليو ته اُتان ئي ان جي غلط تعبير يا تشريح شروع ڪري ڏنائون. جيڪو بهشت جو اُميد وار هو اُهو پوريءَ طرح بيحِس هيو ۽ کيس هدايت مليل هئي ته جيڪي سڀ ذائقي يا وٽندڙ خوشبو واريون شيون هيون اُنهن جي ويجهو نه وڃي ۽ آوازن جي خوبصورت ميلاپ (ساز، آواز وغيره) جي ناپاڪائيءَ کي ٻڌڻ کان پنهنجا ڪنَ بند ڪري ڇڏي ۽ جيڪي به انساني تخليق جا بهترين ۽ خوبصورت نمونا هجن اُنهن کان هر صورت ۾ بُچان ڪري. خوشيءَ وارا ويَس وڳا، شاندار گهَر ۽ اوچو فرنيچر ۽ گناهن کي پاڻ ۾ گڏ ملائڻ تا، هڪ تڪبر ٻيو عياشي ۽ نفس پرستي، تنهنکري هڪ عيسائيءَ لاءِ سادگي وارو مُئل ۽ هيسيل چهرو وڌيڪ موزون هو ۽ چو ته کيس پنهنجي گناهگار هئڻ جو يقين هو ۽ چوتڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ هو ايا شڪ ۾ مبتلا هو. عياشيءَ کي نِندڻ ۾ اسانجا بزرگ ۽ پادري تمام حساس ۽ نڊين نڊين ڳالهين تي به غور ڪندا هئا، [89] ۽ ڪيترين ئي ڳالهين منجهان جيڪي کين سخت ڪاوڙ ڏيارينديون هيون. اسان اُنهن منجهان ڪجهه ڳٽائينداسون: جيئن غير ضروري واڙ، اڇي ڪانسواءِ ٻي هر رنگ جا ڪپڙا، موسيقي جا سازَ، سون يا چانديءَ جا گلدستا، نرم وهاٽا (جيئن جيڪب پنهنجو متو پٿر تي وهاٽو رکي ٽيڪيو هو) اڇي ماني، ٻاهر کان آندل شرابَ، وڌا وڌا خطابَ ۽ تڪلف، نيم گرم غسلخانن جو استعمال، ۽ ڏاڙهيءَ کي ڪُوڙڻ جو عمل، جنهن جي لاءِ ترتوليُن جو چيل جملو ته: " اهو عمل اسانجي چهرن مٿان ڇڻ هڪ ڪوڙ يا ٻُهتان آهي ۽ خالق جي فطري ڪمن کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ جي هڪ ناپاڪ ڪوشش آهي." [90] جڏهن عيسائيت جي ڇاڻ شاهوڪار ۽ مهذب ماڻهن ۾ آئي ته هنن عجيب ۽ انوکن قانونن جي پرکَ ڪوڙن اُنهن ماڻهن تي ڇڏي وئي جن کي پنهنجي پارسائيءَ تي وڌيڪ ناز هو. پر جيڪو انسانذات جو هيٺاهون طبقو آهي اُنهن لاءِ ان وڌائي، آکڙ ۽ خوشي خلاف نفرت منجهان جيڪو کين سرور ۽ سُکون ملندو آهي اُهو هنن لاءِ آسان ۽ قبول ڪرڻ جهڙو هوندو آهي چو ته اجائي آکڙ ۽ مصنوعي خوشيون سندن پهچَ ۽ خواهشن کان پري هوندیون آهن. اوائلي عيسائين جي ڪردار کي شروعاتي رومين وانگر، غُربت ۽ جهالت جي حفاظت هوندي هئي.

مرد ۽ عورت جي جنسي لاڳاپن جي سلسلي ۾ پادرين جي پاڪدامني تمام سخت هوندي هئي جنهن ۾ اصول اهو هوندو هو ته هر ان ڳالهه کان بُچان ۽ نفرت ڪجي جنهن مان لطف اڇي يا مزَن ماڻڻ جي ڳالهه هجي ۽ جنهن مان عياشيءَ جا جذبا ته مطمئن ٿين پر انسان جي روحاني فطرت کي بيعزتو ڪيو وڃي. اهو سندن پڪو پُختو خيال هو ته جيڪڏهن حضرت آدم (ع-س) پنهنجي خالق جي فرمانبرداريءَ تي ثابت قدم رهي ها ته اُهو دائمي طرح سان پاڪائيءَ واري حالت ۾ هجي ها ۽ بهشت ۾ ساوڪن ۽ سبزين جهڙين بي ضرر شين ۾ معصوم ۽ لازوال ماڻهن جو راڄ هجي ها. [91] شاديءَ جو رواج فقط انڪري پيو جو آدم جو اولاد هاڻي شرمسار هو ۽ ٻوءِ چاکاڻ ته انساني نسل کي به اڳتي وڌائڻو هو ته ساڳي وقت انسان جي شهواني خواهشن کي به، نامڪمل طريقي سان ئي سهي، پر لغام بهرحال ڏيڻو هو. جيڪي مذهبي دليل باز هيا، اُنهن جي هن موضوع تي هڪَ، انساني مونجهاري کي ايا وڌيڪ اُلجهائي ٿي، جنهن ۾ هو ان روايت يا ارادي جي منظوري ڏيندي گهبرائي تو جنهنجي برداشت ڪرڻ لاءِ ڪيس مجبور

ڪيو ويو هو. [92] پنهنجي مرضيءَ سان مڙهيل قانونن جو ڳاٽاڻو، جيڪي اُنهن شاديءَ جي بِستري لاءِ مڙهيا هيا، اُنهن تي هڪ نوجوانَ جي مُنهن تي ضرور مُرڪ ايندي ۽ هڪ انصاف پسند جو مُنهن ڳاڙهو ٿي ويندو. اهو اُنهن جو گڏيل رايو هو ته پهرين شادي فطرت توڙي معاشري جي سڀني متصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي هئي. شهواني تعلقات کي مهذب بنائڻ لاءِ ان کي حضرت عيسيٰ (ع-س) ۽ ڪليسا جو هڪ ٻئي سان ايڪو يا هڪ ٻئي ۾ ضم ٿيڻ ڇيو ويو جنهن کي نه ته طلاق ختم ڪري سگهي ٿي ۽ نه اهو رشتو موت سان مري سگهي ٿو. ٻي شاديءَ جي رسم کي قانوني زنا جو نالو ڏنو ويو ۽ اُهي ماڻهو، جيڪي عيسائيت جي پاڪائيءَ خلاف ان بدنام ڏوهه جا ڏوهاري هيا، کين نه رڳو هر اعزاز کان بيدخل ڪيو ويو پر اُنهن کي چرچ طرفان خير خيرات کان به محروم ڪيو ويو. [93] جيئن ته خواهش کي ڏوهه سمجهيو ويو ۽ شاديءَ کي هڪ نقص سمجهي برداشت ڪيو ويو، تنهنڪري اهو ساڳين اصولن سان لاڳو ڪيو ويو ته ڪنوارو رهڻ يا جنسي لاڳاپي کان پرهيز ڪرڻ هڪ اهڙو روَيو آهي جيڪو انسان کي به خدائي تڪميل جي رستي ڏانهن وٺي وڃي ٿو، اهو وڏو مشڪل مرحلو هو جڏهن قديم روم ڇهن پاڪ دامن ڪنوارين [94] جي رواج کي هٿي وٺرائي هئي پر اوائلي ڪليسا مردن توڙي عورتن سان پريل رهندي هئي جن پاڻ کان دائمي پاڪدامني واري زندگي گذارڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. [95] اُنهن مان ڪجهه، جن ۾ اسان کي اوريجن نالي هڪ عالم ياد ٿو اچي جنهن، ڪيس هرڪائيندڙ عورت کي، ناڪام بنائي ڇڏيو هو. [96] ڪجهه ماڻهن کي شعور کو نه هو ۽ ڪي وري جسم جي اڳرائين اڳيان آسانيءَ سان مات کائڻ جهڙاڪين هئا، پڇي وڃڻ جي بيعزتي کان نفرت ڪندي، آفريڪا جي گرم آبهوا ۾ پاليل ڪنوارين پنهنجن دشمنن سان تمام ويجهائيءَ ۾ وڃي مقابلو ڪيو: اُنهن پادرين ۽ راهبن کي پنهنجي بستري تي پاڻ سان گڏ سمهڻ ڏنو ۽ جسماني باهه جي شعلن منجهان پنهنجي پاڪائيءَ کي داغدار ٿيڻ کان بچائي سوياريون رهيون. پر فطرت کي جڏهن بيعزتو ڪيو وڃي ٿو ته اُها پنهنجي وڃايل وقار جي حق کي ضرور واپس ٿي وٺي، اهڙيءَ طرح نوَن قسمن جي انوکن شهيدن جي ڪارنامن ڪليسا کي بدنام ڪرڻ ۾ ڪاڪسر نه ڇڏي. [97] عيسائي پرهيزگارن ۾ (اهو لقب کين تڪليف ۾ مبتلا ٿيڻ کانپوءِ مليو).* جيئن ته اُهي بي ادب گهٽ هيا، ته انکري وڏيڪ ڪامياب ٿيا. جنسي لذت جي نقصان جو پُورائو روحاني فخر جي احساس ذريعي ڪيو ويو. بي دين ماڻهن جي گهٽي تعداد به تڪليف برداشت ڪري پنهنجي طرفان پڙ اهڙي قرباني ڏيڻ لاءِ پنهنجي آمادگي ڏيکاري ۽ پوءِ حضرت عيسيٰ (ع - س) جي پاڪدامن گهروارين جي شان ۾ پادرين جي تعريفي جملن ۽ قصيدن جون نهرون وهائي ڇڏيون. [98] اهي آهن ڪجهه نشان ۽ آثار خانقاهي اصولن ۽ ادارن جا، جن، بعد وارن زمانن ۾، عيسائيت جي اڳ، وارن عارضي فائدن جو حساب چُڪائي ڇڏيو آهي. [99]

عيسائي، خوشين جا ته مخالف هيائي سهي پر هو هن دنيا جي ٻين ڏندن ۽ وهنوار کان به پاسيرا هيا. پنهنجي ذاتي توڙي پنهنجي ملڪيت جي حفاظت ڪرڻ به نه ڄاڻندا هئا ۽ ڪين ان سهڻي اصول جي به ڄاڻ نه هئي جنهن سان ماضيءَ جي رسيل زخمن ۽ زيادتين لاءِ بيحد معافي ۽ درگذر ڪرڻ جو حڪم ڏنل هو ۽ ساڳي وقت کين اهو حڪم به ڪيو ويو هو ته هو نين بيعزتين جي ڏهرائجڻ لاءِ پلي ماڻهن کي دعوت ڏين. سندن سادگي، قسمن کٽڻ، عدالتن جو شان شوڪت عوامي زندگيءَ جي تيز ڏک ڏوڙ سان مجروح ٿيندو هو ۽ ساڳي وقت سندن رحم دليءَ واري

سادگي ۽ اڻجاڻائي اهو ڏسي هرگز مطمئن نہ ٿيندي هئي تہ ڪنهن موقعي تي ڪنهن کي خون ڪرڻ ۽ انجو رَت وهائڻ کو قانوني عمل هو پوءِ ڪٽي اُهو انصاف جي ترار سان يا جنگ ۾ قتل ڪيو ويو هجي، توڙي جو سندن ڏاڏائي يا اڳرائيءَ وارن غير قانوني قدمن سندن پوري برادريءَ جي امن ۽ سلامتيءَ کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو هجي.[100] اهو مڃيو ويو هو تہ هڪ قانون ذريعي جيڪو پوريءَ طرح مڪمل نہ هيو، الله تعاليٰ جي منظوريءَ سان، يهودين جي آئين جا اختيار لاڳو ڪيا ويا هيا جيڪي متاثر ٿيل پيغمبرن ۽ ۽ شهنشاهن طرفان لاڳو ويا هيا. عيسائين محسوس ڪيو ۽ تسليم ۾ ڪيو تہ دنيا جي هِن سرشتي لاءِ اهڙا ادارا بيحد ضروري هيا ۽ اُنهن خوشي ۽ رضا سان ٻيدين گورنرن جي اختيارن اڳيان پنهنجي تابعداري قبول ڪئي، ۽ هڪ طرف هنن چپ چاپ ۾ فرمانبرداريءَ جي اصولن کي قبول ڪيو تہ ساڳي وقت وري هنن شهري انتظام توڙي شهنشاهت جي فوجي حفاظت کي مڃڻ يا ان ۾ عملي حصي وٺڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. اُنهن ماڻهن لاءِ البت ڪجهہ رعايت ڪري سگهجي ٿي جيڪي، مذهب بدلائڻ کان اڳ، ڏاڏاڻ ۽ خوني ڪارروائين ۾ ملوث هوندا هيا،[101] پر اهو ناممڪن هو تہ هڪ عيسائي، ڪنهن وڏيڪ مقدس ڏيوٽي جي بجا آوري کي ڇڏڻ ڪانسواءِ هڪ سپاهي، مئجسٽريٽ يا ڪنهن شهزادي جو ڪردار ادا ڪيو هجي.[102] ماڻهن جي سلامتي ۽ پلائيءَ جي سلسلي ۾ هن قسم جي ڪاهلي نہ پر ڏوهہ جهڙي غفلت ڪين ٻيدينن جي نفرت ۽ ڌِڪار جو نشانو بنائي ڇڏيو. جيڪي اڪثر ڪري ڪين چوَندا هيا تہ ان شهنشاهت جو پلا ڪهڙو حشر ٿيندو جنهن تي هر طرف کان بربرن جا حملا ٿين ۽ پوري انسانذات نئين فرقي جي بزدلي ۽ ڪاهلي جي روَش اختيار ڪري ويهي رهي ۽ ان جي حفاظت لاءِ ڪو عملي قدم نہ کڻي؟[103] هن بيعزتي واري سوال پڇڻ تي بچاءُ ڪندڙ عيسائين جا جوابَ اَڻ ڇنڻا ۽ مُنجهيل هوندا هيا ڇو تہ هو پنهنجي حفاظت جي سلسلي ۾ ڪجهو سبب ٻڌائڻ کان نٽائيندا ۽ ڳهپرائيندا رهندا هئا، ۽ ڳهٽو امڪان هن ڳالهہ جو هو تہ پوري انسانذات جي مذهب جي تبديلي جي تڪميل کان اڳ ئي جنگ ۾ حڪومت، روم جي شهنشاهت توڙي سڄي دنيا جو خاتمو ٿي ويندو. هتي اهو ٻڌائڻ جي تہ هن مثال ۾ يي، عيسائين جي حالت يا سندن رويي، اُنهن جي مذهب جي ضابطي سان مطابقت ٿي رکي ۽ هڪ متحرڪ زندگيءَ کان سندن مخالفت ڪين ملڪ توڙي فوج جي اعزازن کان محروم ٿئي ڪيو ۽ سندن ڪاهليءَ سبب هو ڪا ٻ خدمت بجا آڻڻ جي قابل نہ رهيا هيا.

۷ ۽ انساني ڪردار جنهن کي عارضي انساني جوش جذبي ذريعي ڀلي ڪيترو ٻ مٿاهون ڪجي يا هيٺاهون بنائجي، خودبخود پنهنجي اصلي ۽ فطري سطح تي اچي ويندو. اوائلي عيسائي ڏڻڏي ڏاڙيءَ کان بيخبر دنيا جي خوشين ۽ مزن ماڻڻ کان محروم هيا، ۽ سندن عمل سان پيار، جيڪو ڪڏهن ٻ پوريءَ طرح ايا نہ اُجهاڻو هو، وري چُست ٻڌجي ويو ۽ ڪليسا جي حڪومت ۾ ڪن نئين مصروفيت ملي وئي، هڪ نئين سماج، جنهن شهنشاهت جي مڃيل مذهب تي حملا شروع ڪيا، ڪي مجبور ڪيو ويو تہ هو پنهنجي لاءِ ڪا اندروني پاليسي ٺاهي ۽ ڪيترائي نوان وزير مقرر ڪري جيڪي نہ رڳو روحاني ڪمن جي سارَسنڀال لهن ۽ عيسائي برادري جي ٻ عارضي نظرداري ڪن. ان سماج جي سلامتي، سندس وقار ۽ سندس وسُعت ۽ واڌارو وغيره نيڪ انسانن جي ذهنن ۾ ٻ فائديمند هيا جنهن ۾ سندن حب الوطني ٻ شامل هئي جيڪا پهرين رومين پنهنجي جمهوريہ جي لاءِ محسوس ڪئي هئي ۽ ڪڏهن ڪٽي اختلاف ٻ ٿيندو هو ۽ پر مقصد اهو هوندو هو تہ جيڪو ڪجهہ ٻ ٿئي تہ اُهو ملڪ ۽ جمهوريہ جي پلائيءَ لاءِ هجي.

پاڻ کي ۽ پنهنجي دوستن کي کليسا جي مٿين رتبن تائين پهچائڻ ۾ هڪ تعريف لائق مقصد سمايل هو ته عام ماڻهوءَ کي سندن اختيارن جو فائدو پهچائجي ۽ انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سندن فرض بڻجي ويو ته کجهه نه کجهه ڪري ڏيکارين: جيڪي ڪم کين سؤنپيا ويا هيا تہ اُنهن ۾ اهر هي هو ته کين بار بار چيو پئي ويو ته لادينيت جي غلطين جي سچاڻپ ڪن يا وري فرقي بازي جا هنر ڳولين، دوکي باز پائرن ۽ عزيزن جي مخالفت ڪن، سندن ڪردار کي جائز بدنامي ۽ سان رسوا ڪن ۽ سماج جي دل مان کين تڙي پڇائي ڪڍن جنهن جي امن ۽ خوشين کي هنن برباد ڪري ڇڏيو هو. عيسائين جي کليسائي گورنرن کي سکيا ڏني وئي هئي ته هو نانگ جي سياڻپ کي ڳيري واري معصوميت سان متحد ڪن پر جيئن ته پهريون وڌيڪ عقلمند هو. تنهنڪري حڪومت جي خراب عادتن سبب پويون چُپ چاپ ۾ بگڙي ويو. کليسا توڙي دنيا ۾، اُهي ماڻهو جن ڪنهن به قومي عهدي تي ارادن جي مضبوطيءَ ۽ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۾ پاڻ کي مجرايو. انسانذات جي ڄاڻ ۽ وٽج واپار ۾ تيزي ۽ مهارت جو مظاهرو ڪيو ۽ پنهنجن ڳجهن طور طريقن ۽ مقصدن کي پين کان توڙي پاڻ کان به لڪايو ۽ نتيجو اهو نڪتو جو هُو عملي زندگي جي پُرجوش جذبن ڏانهن واپس ٿيا جن ۾ روحاني رنگ جي اوتجڻ سان سندن روين ۾ ڪڙاڻ، هڏَ ۽ هوڏ جو اڇي کان به اڳرو رنگ چڙهي ويو.

چرچ جي حڪومت اڪثر ڪري مذهبي ڇڪتاڻ جو موضوع ۽ مقصد رهي آهي. روم، پئرس، آڪسفورڊ ۽ جنيوا جي تيز تڪرارين گڏجي ڪوشش ڪئي ته عيسائيت جو ڪُهنو حواريت وارو چهرو بدلائجي ۽ ان کي معياري روپ ڏئي سندن پاليسيءَ مطابق آڻجي. ڪجهه ماڻهن، جن بيباڪي، غير جانبداري ۽ انصاف واري نظر سان ان معاملي کي وڌيڪ جاچڻ جوچڻ ۽ پرکڻ جي ڪوشش ڪئي، اُهي [105] هن خيال جا آهن ته حوارين، نوَن قانونن ناهڻ جي اجازت نه ڏني ۽ بدنامين يا هڪ ٻئي خلاف ورهائجي وڃڻ کي ته برداشت ڪيائون پر ان ڳالهه جي هرگز اجازت نه ڏنائون ته ايندڙ زمانن جا عيسائي ڪليسائي حڪومت جي بدلجندڙ طور طريقن جو خود به حصو بڻجن ۽ وقت جي تبديلين ۽ حالتن مطابق پنهنجو عقيدو به بدلائيندا رهن. نئين پاليسي جو خاڪو جيڪو هنن گڏجي منظور ڪيو، اُن جي عمل کي جيروسلم، افِيسَس ۽ ڪورنٿ ۾ ڏسي ۽ محسوس ڪري سگهجي ٿو. جيڪي سماجي تنظيمون روم جي شهنشاهت جي مختلف شهرن ۾ قائم ڪيون ويون هيون. اُهي عقيدي ۽ خير خيرات جي جذبن ذريعي پاڻ ۾ متحد ٿي ويون. سندن اندروني آئين جا طاقتور ٿنيا، مڪمل آزادي ۽ برابري جي مضبوط بنيادن تي ٻيهر هيا، سندن تنظيمي ۽ انساني سکيا جي ڪميٽين ۽ ڪوتاهين جو ازالو اُنهن جي پيغمبرن جي مدد ذريعي پورو ڪيو ٿي ويو. [106] جن کي سندن عمر، جنس يا فطري قابليتن جي ڪنهن به فرق ڪانسواءِ هو پنهنجي مدد لاءِ سڏيندا هيا ۽ اُهي قدرت جي حڪمن ۽ ضرورت مطابق جڏهن به لازمي سمجهندا هيا ته پنهنجن مذهبي پوئلڳن جي ميڙ جي دلين ۾ فطري روح کي اوتي چڏيندا هيا، پر هي نايات تحفا سندن پيغمبري صفت رکندڙ استادن طرفان غلط طريقي سان ۽ غلط جڳهن تي استعمال ڪيا ويندا هيا. اُنهن کي هو غلط وقت تي نمائش لاءِ باهر ڪيندا هئا، اسيمبلي جي اجلاس کي بي ادبيءَ وچان خراب ڪندا هيا، ۽ ڪورنٿ جي حوارين جي کليسا ۾ بيشمار طريقن سان مداخلت ڪندي انکي يا ته تڪبر مان يا وري غلط جوش جذبي مان هنن هر طرف افراتفري پکيڙي چڏي هئي. [107] جيئن ته سندن پيغمبرن جو ادارو هاڻي نه رڳو بيڪار پر تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي چڪو هو ته سندن اختيارن کي واپس ورتو ويو ۽ انهن جا عهدا به ختم

کيا ويا. مذهب جو عوامي کاروبار هاڻي کليسا جي وزيرن کي سؤنپيو ويو جن ۾ پادري ۽ سندس نائب به شامل هيا پر انهن عهدن ۾ ڪم ڪار جي ورهاست لڳ ڀڳ ساڳي هئي. نائب پادري جو نالو سندس عمر موجب * تجويز ڪيو ويندو هو يا وري سندس اهميت ۽ سياڻپ کي ڏسندي کيس چونڊيو ويندو هو. پادري جو لقب، البت ڳوناڻن ۽ ٻهراڙي جي زندگيءَ سان لاڳاپيل عيسائين جي مذهبِ ۽ سندن رهڻي ڪهڻيءَ تي نظرداري رکڻ جي لائق ماڻهوءَ کي سؤنپيو ويندو هو. مذهب سان لاڳاپيل ماڻهن جي تعداد موجب پادري سندن رهنمائي ڪندا هيا ۽ سندن وڏن توڙي ننڍن ميڙن کي هڪ جيترا اختيار ڏنل هيا ڇو ته اُهي ڪائونسلن جي سرشتي سان لاڳاپيل هيا. [108]

پر پوري برابري واري آزادي لاءِ هڪ اُتاهين درجي جي مٿجسٽريٽ جي ضرورت پوي ٿي ۽ عوامي مسئلن کي نبيرڻ ۽ هلائڻ لاءِ صدر جي عهدي واري ماڻهوءَ کي ان منصب تي ويهارڻو ٿو پوي جنهن کي گهٽ ۾ گهٽ ايترا اختيار هجن ته عوام جي راءِ معلوم ڪري، اُنهن جي جذبن کان واقف هجي ۽ اسيمبليءَ جي رڪن ۽ ٺهرائن کي عملي جامو پهرائي سگهي. جيتري قدر ماڻهن جي امن امان ۽ پرسُڪون ماحول قائم رکڻ جو تعلق آهي ته اُن ۾ سالياني يا ڪڏهن ڪڏهن جي چُونڊن ٽيڻ سبب رُخنو ٿي آيو انڪري اوائلي عيسائين اتفاق راءِ سان اهو فيصلو ڪيو ته هڪ مٿجسٽريٽ جو دائمي عهدو ڪنهن معزز ماڻهوءَ کي ڏنو وڃي جيڪو سندن ڏاهن يا پرهيزگار نائب پادرين منجهان هجي جيڪو، جيستائين جيئرو هجي، ته اُهو کليسا جي گورنر جون خدمتون بجا آڻيندو رهي. اهڙي قسم جي حالتن ۾ پادري جي مٿاهين عهدي، نائب پادري جي بلڪل هيٺاهين درجي تي تمام گهٽي فوقيت ماڻي ورتي، جڏهن ته پويون عهدو هر عيسائي سينيٽ جي ميمبرن لاءِ فطري فرق جو مظهر رهيو، ان جي برعڪس پهريون عهدو، صدر جي مٿاهين مرتبي جي برابريءَ تائين پهچي ويو. [109] پادرين جي حڪومتي طريقن جا فائدا، جيڪي، لڳي ٿو ته پهرين صدي عيسوي جي ختر ٽيڻ کان اڳ، نظر ۾ آيا هيا، [110] ايترا ته نمايان ۽ مستقبل جي شان شوڪت توڙي موجوده وقت جي عيسائيت ۾ امن قائم رکڻ لاءِ ايڏا ته اهم هيا، جو ان سرشتي کي سڀني سوسائٽين طرفان بنادير لاڳو ڪيو ويو، يعني اُهي سوسائٽيون جيڪي پوري شهنشاهت ۾ ٽڙيل پکڙيل هيون جن کي قدامت پرستن طرفان منظوري به ملي چڪي هئي، [111] ۽ جن کي اوپر توڙي اولهه جي تمام طاقتور ڪليسائن طرفان، اوائلي هجڻ جي ناتي توڙي خدائي طاقت جي سرچشمي جي حيثيت سان، اڃا تائين احترام جي نظر سان ڏٺو ٿو وڃي. [112] هتي اهو ٻڌائڻ ڇڻ اجايو ٿو لڳي ته نيڪ ۽ نِوڙت رکندڙ نائب پادري جن کي ڪليسائي رتبن ذريعي عزت ملي هئي ته اُهو ته اهڙي ظاهري دٻدٻي ۽ شان شوڪت ۽ زيورن سان سجايل تاج کي شايد ڏُڏي ڇڏي ها جنهن سان اڇلهه روم ۽ جرمني جي مڪيه پادرين کي سجايو ۽ سينگاريو ٿو وڃي ۽ ڪين سونا تاج ۽ پٽڪا پارايا وڃن ٿا. پر هتي اسان ٽورن لفظن ۾ سندن اختيارن بابت اوهان کي ٻڌايون ٿا جيڪي تمام محدود هيا پر بنيادي طرح اُهي مذهبي نوعيت جا ۽ عارضي وقت لاءِ هيا. [113] اُهي گهٽو ڪري ڳڑجا جي انتظام، مذهبي رسمن ۽ اُنهن کي ملهائڻ جي نظرداري رکڻ جيڪي روز بروز وڌنديون رهيون ۽ مختلف طريقن سان ملهائجڻ لڳيون، جيڪي کليسا جا وزير هيا اُنهن کي پاڪائي اختيار ڪرڻي هئي ڇو ته ڪين پادرين طرفان مختلف ذميداريون پوريون ڪرڻ لاءِ چيو ويندو هو، عوام لاءِ فنڊن جو انتظام، ۽ اهڙن اختلافن کي سُجاڻڻ ۽ پوءِ اُنهن جي نبيري ڪرڻ جا ڪر شامل هيا جيڪي مذهب جا شيدائي، مٿجسٽريٽ يا بُت پرست جج جي

آڏو آڻڻ نہ چاهيندا هيا تہ مبادا اُنهن جهڳڙن يا اختلافن ۾ کا اهڙي ڳالهہ هجي جيڪا شرمساريءَ جو باعث بنجي. توري وقت لاءِ اهي اختيار، نائب پادرين جي صلاح مشوري ۽ عيسائين جي اسيمبلي جي رضامنديءَ منظوري حاصل ڪرڻ کانپوءِ عمل ۾ ايندا هيا. اوائلي پادرين کي هو خوش نصيب سمجهندا هيا جو اُهي ٿي پهريان ماڻهو هيا جيڪي ساڻن همسري ڪري سگهيا هيا ۽ آزاد انسانن جا اُهي معزز ترين خادم هيا. جڏهن بہ موت ٿيڻ سبب پادري جي ڪرسي خالي ٿيندي هئي تہ نائب پادرين جي وڏي ميڙ منجهان روڙڻ جي ذريعي هڪ صدر کي چونڊيو ويندو هو ۽ ميڙ جو هر ميمبر پاڻ کي پارسا ۽ پادريءَ جي رتبي جي برابر سمجهندو هو. [114]

آئين جو اهو نرم ۽ هڪ جهڙو روَيو هو جنهن ذريعي، حوارين جي موت کانپوءِ هڪ سؤ سال کان بہ وڌيڪ عرصي تائين عيسائين جي حڪومت هلي، هر سوسائٽي پنهنجي اندر ۾ ٿي هڪ نئين جمهوريہ ٺاهيون ويٺي هئي، ۽ توڙي جو پري پري جا ننڍڙا ملڪَ هڪ ٻئي سان بهتر ۽ دوستيءَ وارا لاڳاپا رکيون ٿي آيا ۽ هڪ ٻئي سان خط وڪتابت ۽ اڇڻ وڇڻ جي رشتن ۾ بہ ڳنڍيل هيا، پر ان هوندي بہ عيسائي دنيا ڪنهن معتبر ۽ مٿاهين اختيار ذريعي نہ تہ ڪنهن سان ڳنڍيل هئي ۽ نہ وري سندس قانون ٺاهيندڙ اسيمبلي موجود هئي. جيئن جيئن مذهبي سرشتي جا ميمبر وڌاندا رهيا تہ اُنهن اهڙن فائدن ۽ سهولتن جي سڃاڻپ ڪري ورتي جيڪي کين فقط تڏهن حاصل ٿي سگهندا جڏهن هو پاڻ ۾ ايڪي ۽ اتحاد ۾ رهندا. ٻي صدي عيسوي جي آخر ۾ يونان ۽ ايشيا جي ڪليسائن گڏجي صوبائي سطح تي پادرين جي گڏجاڻين جي مرڪزن کي وجود ۾ آندو، جن کي هنن پنهنجن ٿي ملڪن ۾ اڳ قائم ٿيل مڃيل ۽ نمائنده ادارن جي تقليد ڪندي پنهنجا ادارا قائم ڪيا، جيئن ائمفوڪيٽونس، آڪيَن ليگ، يا آيونيَن شهرن جو اسيمبليون وغيره. بعد ۾ هڪ روايت قائم ٿي جنهن کي قانوني حيثيت ڏني وئي تہ آزاد ڪليسائن جا پادري بهار ۽ خزان جي موسمن ۾ مقرر ٿيل وقت تي صوبي جي گاديءَ جي هنڌن ۾ لازمي طور هڪ ٻئي سان گڏجاڻيون ڪن ۽ ان سلسلي کي جاري رکيون اچن. سندن ڳالهہ بولهہ کي اڳتي وڌائڻ ۾ نائب پادرين سندن مدد ٿي ڪئي ۽ جن بيشمار ماڻهن سندن گفتگو کي ٻڌو ٻئي، اُنهن ميزبانيءَ جا فرضَ ادا ٿي ڪيا. [115] سندن فيصلن کي ڪليسا جو بنيادي قانون ڪوٺيو ۽ مڃيو ويو جنهن ذريعي مذهب ۽ انتظام بابت هر اختلاف جو فيصلو ڪري ان کي ٺيڪ ڪيو ويو ۽ اهڙي موقعي تي اهو اعتبار ڪرڻ فطري ٿو لڳي تہ عيسائي ماڻهن جي گڏ ٿيل ميڙ جي گڏيل اسيمبلي مٿان پاڪ روح وڏي فراخ دليءَ منجهان اوتيو ويو هوندو. پادرين جي گڏجاڻين جي ادارن، توڙي اُهي ذاتي هيا يا قومي سطح تي، جو ايترو تہ سڌو اثر پيو جو ٿورڙن ئي سالن ۾ سڄي شهنشاهت ۾، ان جي مقبوليت ۾ اضافو ٿي ويو. صوبائي ڪائونسلن ۾ باقاعدگيءَ سان هڪ ٻئي ڏي لِکَ پڙهہ جو سلسلو جاري ٿي ويو جن ۾ هڪ ٻئي جي فيصلن جي منظوري ڏيڻ بہ شامل هئي ۽ ان موقعي تي ڪٿولڪ ڪليسا پنهنجو روپ سنواريو ۽ مرڪزي جمهوريہ جو مرتبو ۽ طاقت حاصل ڪري ورتي. [116]

جيئن تہ ڪن خاص ڪليسائن جو قانوني اختيار آهستي آهستي ڪائونسلن جي استعمال ذريعي گهٽ ٿيندو ويو، تہ پادرين، پنهنجي ايڪي ۽ اتحاد جي زور ٿي وڏي پٺياني ٿي گهڻا قانوني، انتظامي ۽ ڪجهہ ذاتي اختيار حاصل ڪري ورتا. جيئن تہ سندن مفاد گڏيل هو تہ اُنهن پنهنجي مذهبي اڳواڻن توڙي عوام جي حقن ٿي پنهنجي پوري طاقت سان حملا شروع ڪري ڇڏيا. ٽين صديءَ جي پادرين چپ چاپ ۾ نصيحت واري زبان کي حڪر ۾ تبديل ڪري

ڇڏيو. مستبقل جي قبضن کرڻ جي ٻڌن کي پکيڙيو ۽ پنهنجي پاڪ ڪتاب ذريعي، استعارن ۽ تقرير جي فن کي پيش ڪيو پر ان ڳالهه کي بہ تسليم ڪيو تہ ان ۾ زورائتي اثر جي ڪمي ۽ دليلن جي گهٽتائي هئي. هنن ڪليسا جي اختيارن ۽ ايڪي کي بلڪل اهڙي طرح پيش ڪيو جيئن پادرين انکي عزت ۽ وقار سان رکيو هو ۽ جنهن جي لاءِ هر پادريءَ کي هڪ جيترو حق ۽ اڻ ورهايل حصو موجود هو. [117] اهو اڪثر چيو ويندو هو تہ شهزادا ۽ مئجسٽريٽ مبادا هڪ عارضي حڪومت جا دعويدار ٿين جنهن لاءِ هو ڪافي وقت کان پنهنجو حق ڇمائيندا ٿي رهيا. پر اهو فقط ۽ فقط پادرين جو اختيار هو جيڪو رب العزت کان سڌو سنئون سندن حوالي ڪيو ويو هو جيڪو هنن ۾ن توڙي اڳين دنيا تائين پنهنجو پاڻ وڌائي ۽ لاڳو ڪري ڇڏيو هو. پادري، حضرت عيسيٰ (ع - س) جا ايلچي، حوارين جا جانشين، ۽ حضرت موسيٰ (ع - س) جي قانون ۽ مذهب جي مکيہ پادري جا روحاني گادي نشين هيا. سندن اهو خاص حق تہ هو ٻين کي بہ پادري نامزد ڪري سگهيا ٿي. مذهبي سرشتن توڙي چوندن جي ماحول جي آزاديءَ کي گهٽو متاثر ڪيو. ۽ جيڪڏهن ڪليسا جي انتظام جي سلسلي ۾، هنن نائب پادرين جي راءِ معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي يا عوامي رجحانن کي جاچڻ شروع ڪيو تہ اهڙي پاڻمرادي مهرباني ۽ شفقت کي پسند ڪيو ويو ۽ ساراهيو ويو. پادرين انهن اعليٰ اختيارن کي دل سان ٿي مڃيو جيڪي سندن پائرن جي اسيمبلي کي حاصل هيا. پر پنهنجي حد واري علائقي جي حڪومت ۾، هر پادريءَ پنهنجي ڏَڻَ جي ماڻهن کان پوري فرمانبرداري ۽ تابعداريءَ جي خدمت ٿي ورتي جنهن تي اهو پهاڪو صحيح ثابت ٿيندي نظر اچي تو تہ ڏنار يا ريڍار پنهنجي رڍن جي ڏڻ کان وڌيڪ مٺاهون ۽ معتبر هيو. [118] هي تابعداري، هڪ طرف کان ڪوشش ڪرڻ جي ۽ ٻي طرف کان مخالفت جو منهن ڏسڻ کانسواءِ، نہ مڙهي وئي هئي. آئين جو جيڪو جمهوري رخ هيو تہ ان مطابق ننڍي طبقي جي مذهبي ماڻهن توڙي جوشيلن جوانن طرفان مخالفت کرڻ جي ان ۾ نہ رڳو ڪافي گنجائش هئي پر آئين جي ڪيترين شِقن ۾ اهڙي مخالفت جي گرمجوشيءَ مان آڇيان پڻ ٿيل هئي، پر سندن حُب الوطني کي تفرقي بازي ۽ مذهبي قوت پيدا ڪرڻ جهڙن خراب لقبن سان نوازيو ويو ۽ پادريت واري اداري جي وڏڻ ويجهڻ کي ڇُڄ پر ڪندڙ جوشيلن پادرين ۽ سردارن جي محنت جو نتيجو سمجهيو ويو جيڪي ڪارڊينل جي سائپرين جيان خواهشن سان ڀرپور مدبرن جي فنڪاريءَ کي عيسائين جي نيڪين سان وڇي ملائيندا هيا جن جو درجو ۽ مرتبو بزرگن ۽ شهيدن جيترو مٺاهون هو. [119]

ساڳين سببن، جن شروعات ۾ نائب پادرين جي برابريءَ جي معاملن کي برباد ڪري ڇڏيو هو، پادرين جي دماغن ۾ پڻ رُتبن ۽ مرتبن جو خمار چاڙهي ڇڏيو جنهن سندن اختيارن جون حدون وڌائڻ جي وڏائيءَ ۽ حوَس تي وڃي دنگ ڪيو. جيئن اڪثر ڪري هو بهار ۽ خزان جي موسم ۾ پادرين جي گڏجاڻين ۾ پاڻ ۾ گڏ ٿيندا هيا تہ ذاتي لياقتن توڙي شهرت جي گهٽ وڌائي جي فرق کي اسيمبلي جي ميمبرن ۾ محسوس ڪيو ويندو هو ۽ وڏي ميڙ تي، ٻورڻ ماڻهن جي ڳالهائڻ ۾ مهارت رکڻ جي فن ۽ عقلمنديءَ سان ضابطو رکيو ويندو هو. پر ماڻهن جي ڪمن ڪارين جي سلسلي ۾ اهڙو طريقو اختيار نہ ڪرڻو هو جيڪو سندن ناراضگيءَ جو سبب بڻجي ۽ هڪ باقاعدگيءَ وارو سلسلو قائم ڪرڻو هو. ان ڪري صوبائي ڪائونسلن جي دائمي صدرن جا عهدا صوبن جي پادرين کي سؤنپيا ويا ۽ مکيہ پادرين جي جڳهن جي خواهشمندن کي ٻورڙي ٿي عرصي ۾ عظيم پادري ۽ وڏو بشپ جهڙا تمام وڏا عهدا عطا

کيا ويا. جن وري ڳجهه ڳجهاندر ۾ پنهنجي پادريت جي پائرن کان اُنهن منصبن ۽ عهدن تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪي عهدا پادرين، نائب پادرين جي اداري کان تازو حاصل کيا ويا هيا. [120] عظيم پادرين کي اختيار حاصل ڪئي ايا گهڻو عرصو ڪونہ گذريو هو پر اُنهن پنهنجي شان ۽ دبدبي کي ظاهري ڏيکاءَ ذريعي نمايان ڪري ڇڏيو هو ۽ عارضي عهدن ۽ اُنهن مان مليل فائدن ۽ عيسائين جي تعداد ۽ اُنهن جي دولت جي زور تي اُهي مٿاهان تي ويا هيا جو تہ عيسائي سندن رِدِن جي ڏٺن جي سار سنيار لهندا هئا؛ ان دوُر ۾ ڪيترائي درويش ۽ شهيد بہ اُنهن ۾ پيدا تي ڇڪا هيا ۽ مذهب بابت نِج پڻي ۽ ان جي اصليت کي اُنهن قائم رکيو هو ۽ اهو سلسلو بنياد پرست پادرين، توڙي حوارين ۽ وري حوارين جي پوئلڳن کان هلندو تي آيو. جن جي نالن سان اُنهن جي ڪليسا کي ارپيو ويو هو. [121] هر سبب کان پوءِ، توڙي اُهو شهري يا ڪليسائي نوعيت جو هو. اهو اڳواڻ ئي محسوس ڪرڻ آسان هو تہ روم کي اُها عزت ملڻ گهرجي جنهن جي هو لائق هيو ۽ جلدئي هو صوبن طرفان فرمانبرداريءَ جي دعويٰ بہ ڪرڻ وارا هيا، مذهبي ماٿهن جي سوسائٽي، شهنشاهت جي گاديءَ جي هنڌ جو هڪ ٽورڙو حصو هو، ۽ روم جي ڪليسا وڏي ۾ وڏي، تمام ڪشادي ۽ وسيع هئي ۽ مغرب جي حساب سان، سڀني عيسائي ادارن کان وڌيڪ قديمي هئي ۽ ڪيترن ئي ماٿهن کي مذهب جي سکيا سندن ئي مذهبي پرچارڪن (Missionaries) منجهان ملي هئي. حوارين جي اداري جي هڪ پايو وجهندڙ جي دعويٰ جي بجاءِ، ائنٽئڪ، ايفيسَس، يا ڪورنٿ جي دعويٰ بہ ان ۾ شامل هئي. ٽائبر جي ڪنارن کي اهو اعزاز ملڻو هو تہ هن تمام نامياران حوارين اُتي تبليغ ڪئي هئي [122] ۽ جن کي شهادت پڻ نصيب ٿي هئي ۽ روم جي مکيہ پادرين وڏي دانشمنديءَ سان اها دعويٰ بہ ڪئي هئي تہ سينٽ پيٽر (St. Peter) [123] جي عهدي ۽ ان جي شخصيت سان جيڪو ڪجهہ بہ لاڳاپيل هيو يا جيڪي بہ اُن جا حق هيا تہ اُهي ان جا جائز وارث هيا. اٽلي ۽ ان جي صوبن جا پادري ڪين عيسائيت جي اميريءَ جي عهدن ۾ فوقيت ڏيڻ تي راضي هيا. [124] (ان وقت جي اظهار جو طريقو اهڙو هو) پر حاڪر جي اختيارن کي نفرت منجهان رد ڪيو ويو ۽ روم جي هڪ حڪومت جي خواهشمَند کي آفريڪا ۽ ايشيا جي حڪومتن منجهان سخت مخالفت جو منهن ڏسڻو پيو ۽ اها مخالفت سندس عارضي حڪومت جي گهٽ ۾ مذهبي مٿيرائيءَ جي وڌيڪ هئي. وطن سان پيار ڪندڙ سائڀرين جنهن ڪارٿيج جي ڪليسا ۽ صوبائي گڈجاڻين تي پوري رعب ۽ دبدبي سان راج ڪيو هو، روم جي مکيہ ٻِشپ جي ارادن جي پوريءَ طرح مخالفت ڪئي ۽ ان ۾ ڪامياب بہ رهيو. وڏي چالاڪيءَ سان پنهنجو پروگرام مشرق جي پادرين سان وڃي ملايائين ۽ هٽنيبل جيان، ايشيا جي وچ ۾ پنهنجا نوان دوست ۽ اتحادي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. [125] جيڪڏهن پيونڪ جي هيءَ جنگ ڪنهن رتو ڇاڻ ٽيڻ ڪانسواءِ گذري وئي تہ ان ۾ اعتدال پسنديءَ جو ڪمال گهٽ ۽ مخالف پادرين جي ڪمزورياءَ جو عمل دخل زياده هو. هڪ ٻئي خلاف بدشد ڳالهائڻ ۽ چرچ مان ڪڍڻ يا نيڪالي ڏيڻ جا ڏڙڪا ئي فقط سندن هٿيار هيا ۽ سڃي مخالفت ۽ مقابلي دوُران، اُنهن پوري زور شور ۽ وڏي واڪي هڪ ٻئي خلاف گاريون گند پٽي ڪڍيا، ۽ مخالفن تي ڇوهہ تي ڇنڊيا. پادري، ڪنهن درويش يا شهيد کي گهٽ وڌ يا بُرو ڀلو ڳالهائڻ تي هاٿرڪا ڪٽولڪ عيسائي ڏاڍا ناراض ۽ مايوس ٿيندا هيا ۽ جڏهن بہ ڪين اهڙن جهيڙن جهڳڙن کي بيان ڪرڻ لاءِ چيو ويندو

هو تہ هو سپ کجهہ ٻڌائيندا هئا، ۽ مذهب جا محافظ پاڻ ۾ اهڙا تہ گُٹا ۽ گندا لفظ ڳالهائيندا هيا جيکي شايد فقط يا تہ سينيٽ يا فوجي ڪئمپ ۾ ڳالهايا ويندا هيا. [126]

ڪليسا جي اختيارن جي واڌاري، عام ماڻهن ۽ مذهب جي پاسبانن جي وچ ۾ ايڏي تہ وڏي ۽ يادگار فرق، جي ديوار ڪڍي ڇڏي، جيکا اڳ ۾ يونانين ۽ رومين جي تجربي ۾ به ڪڏهن نہ آئي هئي. [127] مٿين ٻن طبقن مان پهرئين عيسائي عوام جي نمائندگي ٿي ڪئي ۽ پوئين جو، جيئن لفظ ئي ٻڌائي تو، هڪ خاص طبقي سان تعلق هو جيکو مذهب جي خدمت لاءِ وقف ڪيو ويو هيو. يا ٻين لفظن ۾ ماڻهن جو اُهو مخصوص طبقو جنهن جديد تاريخ لاءِ عمارت سازيءَ جو تہ نہ پر تمام اهر مواد فراهر ڪيو آهي. سندن پاڻ ۾ جيکي جهيڑا جهگڑا ۽ دشمنيون ٿيندیون هيون، اُنهن معصوم ڪليسا جي امن امان کي بگاڙي ڇڏيو هو پر کنهن گڏيل ڪر ۾ سندن جوش جذبو ۽ عمل هڪ جهڙو هوندو هو ۽ وري جڏهن اختيارن جو شوق مٿن سوار ٿيندو هو تہ (توڙي جو انکي چالاکيءَ سان لکائڻ جي ڪوشش ڪندا هيا) اُهو پادرين ۽ جان قربان ڪندڙن جي سينن منجهان پيو ليا ڪا پائيندو هو، ۽ اهڙي وقت تي رعيت جي تعداد کي وڌائڻ تي به آماده ٿي ويندا هيا ۽ عيسائي طاقت جي حدن ۽ سرحدن کي به وڌائي ڇڏيندا هئا. عارضي طاقت جو ڪو به انتظام وٽن ڪونہ هو. ۽ ڪيتري وقت تائين سندن حوصلا ڪمزور رهيا ۽ پاڻ به تکليفن ۾ هيا ۽ کنهن به شهري مئجسٽريٽ سندن مدد نٿي ڪئي؛ پر هنن پنهنجي سوسائٽي ۾، حڪومت کي اثر انداز طريقي سان هلائڻ لاءِ به هٿيار پاڻ وٽ محفوظ ڪري ڇڏيا هيا ۽ اُهي هيا. انعام اڪرام ۽ سزائون، پهرين جو تعلق مذهبي ماڻهن جي فراخ دلي ۽ سخا سان ۽ پوئين جو واسطو سندن مذهبي سختي ۽ شڪن شبهن سان هو.

گڏيل شراڪت جي ساز سامان، جنهن افلاطون [128] جي تصوراتي دنيا کي خوب وِندرايو هو ۽ جنهن سادگي پسند اِسينيئس [129] ۾ به کنهن حد تائين ديرو ڇمايو هو، کي اوائلي ڪليسا ۾ ڪجهہ وقت لاءِ رکيو ويو. پهريٽن مذهب مٹائيندڙ جوشيلن کي اها ڳالهہ نہ وٹي جن ڪليسا تي زور پريو تہ ان دنياداري جي سامان کي هڪدم ٻاهر ڪڍيو وڃي يا ان کي نيلام ڪيو وڃي جو تہ اهڙي سامان کان کين نفرت هئي، هنن وڌيڪ چيو تہ ان مان جيکا رقم اچي اُها حوارين جي قدمن ۾ رکي وڃي ۽ پاڻ کي ان تي مطمئن ڪن تہ جيکو عام ورهاست ۾ سندن حصو اچي تہ اُهو پلي پاڻ وٽ رکي ڇڏين. [130] عيسائي مذهب جي واڌاري ۾ نہ رڳو سُستي اچي وئي پر ان مهر جوئي کي ئي ختم ڪيو ويو، ۽ هي فراخ دل ادارو جڏهن اهڙن هٿن ۾ اچي ويو جيکي حوارين جي مقابلي ۾ گهٽ صاف هيا ۽ جن کي جلد ئي ايا وڌيڪ بگڙيو هيو جو تہ انساني فطرت ۾ جيکو لالچ ۽ حرص جو فتنو رکيل هو، ان جي گهرج ئي کجهہ اهڙي هئي: ۽ جيکي مذهب ۾ نوان داخل ٿيا هيا تہ کين به اها اجازت ملي وئي تہ هو پلي اباڻو ورثو پاڻ وٽ رکن، ۽ ٻيو به ڪو وصيت ڪري يا اُنهن لاءِ ڪجهہ ڇڏي وڃي تہ اُهو به پلي جمع ڪن ۽ پلي پنهنجي جدا ملڪيت ۾ قانوني طرح سان واڌارو آڻين توڙي ڪٹي ان لاءِ کين واپار ڪرڻو پوي يا صنعت گري جو هنر سکڻو پوي. مڪمل قرباني ڏيڻ جي بجاءِ، ڪليسا جي وزيرن خود ملڪيت جو مناسب حصو پاڻ قبول ڪيو. ۽ پنهنجين هنٽيوار ۽ ماهوار گڏجاڻين ۾، هر ماڻهو جيکو مذهب سان لاڳاپيل هو، موقعي جي مناسبت سان ۽ پنهنجي دولت جي حساب ۽ نيکيءَ جي حوالي سان، عوامي فنڈ ۾ جيترو به جمع ڪري سگهندو هو تہ پاڻمرادو ئي پنهنجو حصو پنهنجي رضا خوشيءَ سان ڏئي

ڇڏيندو هو. [131] تمام ننڍي رقم يا حصي کي به ڏکرايو هرگز نه ويندو هو پر ان ڳالهه جو يقيني خيال رکيو ويندو هو ته آمدني جو ڏهون حصو جمع ڪرائڻ حضرت موسيٰ (ع - س) جي قانون ۾ لازمي هو ۽ هر يهودي کي، توڙي ڪٿي سندن ضابطا ايترا مڪمل نه هيا، کي حڪر ڪيل هو ته جيڪو ڪجهه به وٽن هيو ته ان جو ڏهون حصو بهرحال کين جمع ڪرائڻو هيو: نه ته هو خود بخود حضرت عيسيٰ (ع - س) جو پوئلڳ ليکجي ها جيڪڏهن هو وڏي ڪشاده دليءَ سان رقم جمع ڪرائي ها؛ [132] ۽ اهڙيءَ طرح هو پنهنجو وڏو نالو به ڇڏي وڃي ها جيڪڏهن هو پنهنجي اجائي ۽ ضرورت کان وڌيڪ دولت جمع ڪرائي ها جيڪا هونئن ئي دنيا جي تباهه ٿيڻ سان گڏ ختر ته هر حال ۾ ٿيٽي هئي. [133] اهو هتي ٻڌائڻ غير ضروري ٿو لڳي ته هر ڪليسا جي آمدني جو دارومدار، جيڪو غير يقيني ۽ ڪڏهن گهٽ ته ڪڏهن وڌيڪ هوندو هو، ماڻهن جي غربت يا زياده دولت تي هو، ڇو ته هو ننڍڙن ڪوڙن ۾ مسڪينيءَ جي زندگي گذارينداهئا، يا وري جيڪي شاهوڪار ۽ سَرنديءَ وارا هيا ته اُهي شهنشاهت جي شهرن ۾ رهندا هيا، شهنشاهه ڊيسيَس جي وقت ۾، مئجسٽريٽن جو اهو گڏيل خيال هو ته روم جي عيسائين وٽ تمام گهٽي دولت جمع ٿيل هئي ۽ اهو به سندن خيال هو ته سندن مذهبي عبادتن جي موقعن تي سون ۽ چانديءَ جا ڪانوَ استعمال ڪيا ويا هئا ۽ ڪيترن ئي نئين سر مذهب ۾ داخل ٿيندڙن. پنهنجي فرقي کي مدد ڏيڻ خاطر پنهنجو زمينون ۽ گهر وڪٽي ڇڏيا هيا ۽ اُنهن پنهنجن ٻچن ۽ اولاد کي محروم ڪري نقصان پهچايو هيو جيڪي فقير ٻڌجي ٻنندا رهيا ڇو ته سندن والدين بزرگ ۽ درويش ٻڌجي ويا هيا. [134] اسانکي ڏارين ۽ دشمنن جي ڳالهين تي ويساهه نه ڪرڻ گهرجي، ڇو ته اهڙي موقعي تي، اهڙن ڳالهين تي هڪ خوبصورت رنگ ڀڙ ڇاڙهيو ويندو آهي جنهنجا ٻه سبب آهن: اسانجي معلومات مطابق هڪ ته رقم جو حساب لڳايل هجي، ٻيو ته ان بابت صاف معلومات پڙ هٿ گهرجي. ذري گهٽ ساڳي ئي دؤر ۾، ڪارٿيج جي پادري، جيڪو روم جي سوسائٽي کان گهٽ دولتمند هو، هڪ خيرات جي موقعي تي هڪ لک سيسٽرسس (اٺ سؤ پنجاهه پائوندن کان مٿي رقم) پاڻ وٽ جمع ڪئي ته نيوميديا جي پنهنجن اُنهن پائرن ۽ عزيزن کي آزاد ڪرائي جن کي جهنگ ۽ بيابان ۾ رهندڙ بربر زوري کٽي ويا هيا ۽ کين قيدي بنائي ڇڏيو هياٿون. [135] ڊيسيَس بادشاهه جي حڪومت کان پورا هڪ سؤ سال اڳ، روم جي ڪليسا کي هڪڙي دفعي جي چندي ۾ به لک سسٽرسس، پونَٽس جي هڪ ڏارئي ماڻهوءَ کان ملايا هيا جنهن روم جي گادي‌ءَ جي هنڌ ۾ پنهنجو گهر ٺاهڻ جي خواهش ڏيکاري هئي. [136] هن قسم جي خيرات عام طور تي پٽسن ۾ ڏني ويندي هئي، ۽ عيسائين جي سوسائٽي کنهن به زميني ملڪيت رکڻ جي نه ته خواهشمند هئي ۽ نه وري ان ۾ ايتري اهليت ئي هئي. اُها هونئن به قانوني ذريعي سان به ماڻهن کي ڏني ويندي هئي جيڪي ساڳئي طريقي سان پاس ڪيا ويا هيا جيئن مذهبي ادارن کي کنهن به ملڪيت حوالي ڪرڻ جي بندش وڌي وئي هئي ته جيڪي وڏيون ملڪيتون هيون، اهي نه ته کنهن کي ڏنيون وڃن ۽ نه وري کنهن کي اهڙي آڇ وصيت ذريعي ڪئي وڃي، سواءِ ان جي ته اُن ملڪيت جي ڪا خاص نوعيت هجي يا ان جي اجازت شهنشاهه کان يا سينيٽ کان خاص طرح تي ورتي وئي هجي. [137] ڪڏهن به کنهن مذهبي فرقي يا ڏر کي ڏيڻ جي حق ۾ نه هوندا هيا ڇو ته پهريون ته کين اُنهن کان نفرت هئي ۽ ٻيو ته کين خوف خطرا ۽ اُنهن خلاف حسد پڙ هيو. سڪندر سيورَس جي زماني ۾ چيو ٿو وڃي ته هڪ معاهدو عمل ۾ آيو هو جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته ملڪيت رکڻ جي رکاوٽن کي يا ته پاسيرو

کيو ويو هو يا بنهه انهن کي ختر کيو ويو هو ۽ عيسائين کي هي هنڌ تہ ڇڏيو پر خود روم ۾ بہ کين ملکيت حاصل ڪرڻ جي ڪليل اجازت ڏني وئي هئي. [138] عيسائيت جي واڌاري ۽ بادشاهت جي شهريت بابت مونجهارن، قانون جي اڳ واري سختيءَ ۾ ڪجهہ ڊرائي آندي ۽ ٽين صدي عيسوي جي ختم ٿيڻ کان اڳ، وڏيون وڏيون جائدادون روم، ملن، ڪارٿيج، انٽنٽڪ، اليگزئندريا ۽ اٽلي جي ٻين شهرن ۽ صوبن کي بخشيون ويون هيون.

پادري، ڪليسا جو نظري وڏو ۽ هلائيندڙ هيو. ماٹھن جي پٹسي ڏوکڙ جي ورهاست جي ذميواري کيس ئي سونپيل هئي، جنهن جو نہ تہ ڪو حساب وٺڻ وارو هو ۽ نہ وري ڪو ان جو محاسبو ڪري ٿي سگهيو ڇو تہ نائب پادري پنهنجي روحاني معاملن ۾ مشغول هيا ۽ جيڪي ننڍا پادري يا راهب هيا تہ اُنهن جي ڏيوٽي فقط اها هئي تہ ڪليسا جي آمدني جو حساب رکن ۽ انکي باقاعدي هلائيندا رهن. [139] جيڪڏهن اسان سائپرين جي جوشيلين تقريرن کي داد ڏيون تہ سندس آفريڪي پائرن ۾ ڪيترائي اهڙا هيا جيڪي پنهنجين ڏيوتن ڏينڌ ۾ ايماندار نہ هيا ۽ هر اصول کي توڙيندا هٹا پوءِ ان جو تعلق پلي عيسائي مذهب يا اخلاقي ضابطن سان ڇو نہ هجي. ڪجهہ بدڪردار داروغن جي ڪرتوتن سبب، ڪليسا جي آمدني سندن شهواني مزا ماٹڻ تي خرچ ٿي وئي ۽ ٻين وري ذاتي فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪليسا جي پٹسن کي لُٽيو جنهن ۾ ٽڪي ۽ دوکي سان ڪيترين شين خريد ڪيون ويون ۽ گندي لالچ ۾ ملوث ٿيندي وياج خوري پڙ ڪئي وئي. [140] پر جيستائين عيسائي ماٹھن جا چندا سندن مرضيءَ مطابق ۽ بغير ڪنهن رڪاوٽ جي وصول ٿيندا رهيا تہ سندن اعتماد ۽ ساک کي ڪو بہ ماٹھو ڇيهو نٽي رسائي سگهيو ۽ جيڪي عام ماٹھن جي فائدي ۽ مفاد وارا ڪر هيا تہ اُتي ڪشادگيءَ سان خرچ ڪيو ويو جنهن سبب مذهبي سوسائٽي جو وقار وري بہ محفوظ رهيو. ڪجهہ پٹسا پادري ۽ ساٹس لاڪاپيل مذهبي ماٹھن جي هلچل لاءِ جدا رکيا ويندا هيا ۽ ڪافي رقم ماٹھن جي عبادتگاهن جي تعمير ۽ مرمت وغيره لاءِ پڙ رکي ويندي هئي، جن ۾ محبت جا ميلا، "اگاپي" جيئن ان کي ڪوٹيو ويندو هو، اُهو سيني کان وڌيڪ خوشين سان پرپور هوندو هو. باقي جيڪي پٹسا بچي ويندا هيا تہ ان کي غريبن جي ورائت سمجهيو ويندو هو. مکيہ پادري، پنهنجن مليل اختيارن موجب باقي بچيل رقم بيوهہ عورتن، يتيمن، مندن يا اپاهجن، بيمارن، ۽ برادريءَ جي ٻُڌڻ جي مدد ۽ سندن سارَ سنيال لهڻ تي خرچ ڪئي ويندي هئي: ان کانسواءِ ساڳي رقم مان ڏارين ماٹھن ۽ زيارتين کي سهولتون مهيا ڪري ڏنيون ويندیون هيون، ۽ قيدين ۽ غلامن جي تڪليفن دور ڪرڻ ۽ کين اذيتن مان ڇوٽڪاري ڏيارڻ تي بہ جهجهي رقم خرچ ٿيندي هئي ڇو تہ اهي ماٹھو غلام ۽ قيدي فقط انڪري بٹيا جو اُنهن مذهب جون خدمتون ڪيون هيون ۽ ان لاءِ ئي قربانيون بہ ڏنيون هيون. [141] سخاوت جي اهڙن نيڪ جذبن سان جڏهن ماٹھن ۾ خير خيرات جي ورهاست ڪئي وئي تہ انجو نتيجو اهو نڪتو تہ پري پري جا صوبا بہ محبت ۽ مهرباني جي بندڻن ۾ ٻڌجي پاڻ ۾ هڪ ٿي ويا ۽ جتي جتي بہ پوءِ ننڍا ميلا يا گڏجاٹيون ٿيندیون هيون تہ اُنهن ۾ جيڪي شاهوڪار ۽ سَرنديءَ وارا سندن پائر هيا تہ اُهي خوشي ۽ پنهنجي رضامنديءَ سان پنهنجن غريب پائرن ۽ عزيزن جي مدد ڪندا هيا. [142] اهڙن ادارن، جن لياقت جي بنياد تي نہ پر انساني تڪليفن جي بنياد تي ماٹھن جي مدد ۽ مشڪل ڪشائي ڪئي، عيسائيت جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ حقيقت ۾ وڏيون ساراهہ جوڳيون خدمتون ڪيون. بي دين ماٹھو جيڪي انسانيت جي وسعت ۾ اعتبار ڪندا هيا، توڙي جو اُهي سندن اصولن تي ٽوڪون ڪندا

هيا. پوءِ پي هن نئين فرقي جي سخاوت ۽ محبتن جي روَيي کي دل سان مڃيندا هئا.[143] اها اُميد ته مدد جلد پهچندي ۽ ايندڙ وقت ۾ پڻ ڏکيءَ ويل ۾ کو امداد پهچائيندي ۽ ڏک درد دور ڪرڻ وارو هوندو. ان احساس ڪيترن ئي ماڻهن کي هن خيراتي اداري طرف ڇڪي آندو جيڪي هونئن دنيا وارن طرفان عدم توجهيءَ سبب، ڏُڌجي، تڙجي گهُرجن جي غوراب، بيماريءَ جي بَڻي، پوڙاهپ جي بيوَسي ۽ عذابن ۾ مبتلا ٿي وڃن ها. هتي هڪ ٻي ڳالهه ڪرڻ به مناسب ٿيندي ۽ اعتبار ڪرڻو پوندو ته بيشمار ڪَڇ پياڪ ۽ ننڍڙا ٻارڙا، ان وقت جي بيرحم رواج موجب سندن ماءُ پيءُ طرفان ڪٽي ڇڏيا ويندا هيا ته اُنهن کي به موت کان بچايو ويو. کين عيسائي بنايو ويو. تعليم ڏياري وئي ۽ عيسائين جي شرافت ۽ نيڪيءَ جي جذبن ذريعي سندن سار سنڀال لهي کين پاليو ويو ۽ اهو سيڪجهه ان عوامي خيراتي اداري جي خرچن ذريعي ممڪن ٿي سگهيو.[144]

II هر سوسائٽي کي اهو حق حاصل آهي ته هو پنهنجي صفن منجهان پنهنجا ئي اهڙا ميمبر ڪڍي ڇڏي جيڪي اُنهن اصولن ۽ قاعدن جي ڪليل پڄڪڙي ڪندا رهن جن کي سيني جي مرضيءَ سان لاڳو ڪيو ويو هجي. هن اختيار کي استعمال ڪندي، عيسائي ڪليسا جون تنبيهون ۽ الزام اُنهن تي لڳا جيڪي بدنام ڏوهاري هئا، ۽ خاص طرح اُهي جيڪي ڪنهن جي قتل ڪرڻ ۾ شامل هيا يا اُنهن ماڻهن سان دوکو ڪيو هو يا وري اُنهن ماڻهن سان شهواني شغلن ۾ گهنگار ٿيا هيا جيڪي اهڙن فرقن يا مذهبي طريقن سان واسطو رکندڙ هيا جن خلاف عيسائي پادرين مذمتي فيصلا ڏنا هيا يا اهڙن بدقسمت ۽ برن ماڻهن سان سندن صحبت رهي هئي جن پاڻ کي غسل ڏئي پاڪ ٿيڻ ڪانپوءِ به پاڻ کي پليد ۽ گناهگار ڪري ڇڏيو هو ۽ بُت پرستيءَ جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويا هيا. کين ڪليسا مان ٻاهر ڪيڻ جا نتيجا دنياوي به هيا ته اُنهن جي روحاني اهميت پڙ هئي. جن عيسائين جي خلاف اهڙيون فتوائون جاري ڪيون ويون هيون ته انهن کي هر مذهبي خيرات يا صدقي ڏيڻ کان محروم ڪيو ويو هو. ساڻن مذهبي توڙي ذاتي تعلقات ختم ڪيا ويا هيا. هاڻي اهڙو ماڻهو پليد ۽ اُنهن لاءِ به نفرت جي لائق هو جيڪي اڳ سندس چاهيندڙ هيا يا سندس عزت ۽ احترام ڪندڙ هئا. ۽ هڪ معزز سوسائٽيءَ مان سندس نيڪالي سندس اخلاق تي هڪ بدنما داغ ۽ هن لاءِ ذلت جو باعث ته هوندي ئي هئي پر هو پوري معاشري ۽ انسانذات کان ڇڻ ڪٽجي ويندو هو ۽ هر ماڻهو کيس شڪ ۽ نفرت جي نظرن سان ڏسندو هو. اهڙن نيڪالي ڏنل ماڻهن جي حالت ڏاڍي ڏکوئيندڙ هئي پر بدقسمتيءَ سان سندن مشڪوڪ هئڻ واري حالت سندن تڪليفن ۽ اذيتن کان به وڌيڪ اهر ۽ ڳري هئي. عيسائين جي روحانيت ۽ رب تعاليٰ کي ويجهڙائي دائمي زندگيءَ لاءِ فائديمند هئي، ۽ اُهي اهو پيانڪ خيال به پنهنجي ذهن مان نٿي ڪڍي سگهيا ته جن ڪليسائي گورنرن کين ڏوهاري بنائي سزائون ڏنيون هيون ته الله تعاليٰ بهشت ۽ دوزخ جون چابيون به اُنهن جي ئي حوالي ڪري ڇڏيون هيون. جيڪي تفرقي باز هيا، اُنهن کي پلي سندن نيتن جي صفائي همٿائيندي هجي يا وري کين خوش فهميءَ واري اُميد هجي ته فقط اُهي ئي هيا جن چوٽڪاري جو رستو ڳولي لڌو هو. پنهنجين ذاتي گڏجاڻين ۾ عارضي توڙي روحاني خوشين کي واپس موٽائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف رهيا جيڪي کين عيسائين جي عظيم سوسائٽي مان نٿي ملي سگهيون. پر اُهي سڀئي جيڪي بددليءَ مان بدي ۽ بت پرستيءَ واري راهَ تي هلي پيا هيا ته اُنهن کي پنهنجي بدحالي ۽ ابتريءَ جي حالتن جو پوريءَ طرح احساس هو تنهنڪري هاڻي هو شدت سان ان

انتظار ۾ هئا تہ کين جلد ئي عيسائيت جي روحاني فائدن ۾ شامل ڪيو ويندو ۽ کين، سندن صفن ۾ شامل ڪيو ويندو. جيتري قدر هنن ندامت سان پرپور پڇتائيندڙن جو تعلق هو تہ ۽ متضاد رايا سامهون اچي ويا: هڪڙو انصاف تہ ٻيو رحم وارو رايو. تنهنڪري اوائلي ڪليسا انهن راين ۾ ورهائجي وئي. جيڪي ڪنور قسر جا ۽ سخت ترين دليل باز هيا اُنهن هميشہ واسطي اُنهن کي واپس ونڊ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ڇو تہ پاڪ برادريءَ ۾ جيڪا گهٽ ۾ گهٽ جڳهہ هئي تہ ان جي بہ اُنهن بيعزتي ڪئي هئي تنهنڪري کين سندن ضمير جي ملامت جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو ۽ فقط هڪ ڏيمي تمڪندڙ لاڻ جو سهارو کين ڏيکاريو ويو تہ زندگي ۽ موت بابت گناهن کان پڇتاءُ بابت ممڪن آهي تہ ہي دنيا ۾ الله پاڪ سندن توبهہ قبول ڪري. [145] ساڳي وقت اصولي طرح توڙي عمل جي ذريعي هڪ نرم راءِ جو اظهار اُنهن معزز ماڻهن طرفان ڪيو ويو جيڪي عيسائي ڪليسائن طرفان احترام جي نظر سان ڏٺا ويندا هيا. [146] امن، صلح ۽ جنت جا دروازا پڇتائڻ وارن لاءِ کڏهن بہ بند نہ ٿيندا آهن، پر هتي هڪ باوقار ۽ سخت قسر جو نظر ۽ ضبط لاڳو ڪيو ويو هو. جيڪو، سندن گناهن جو ازالو تہ ڪري پئي سگهيو. پر تماشبينن کي يقيني طور تي ايترو تہ ڏيڇاري ڇڏيندو جو هو کڏهن بہ سندن مثال کي پاڻ نہ ڏهرائيندا. ماڻهن اڳيان پنهنجي گناهہ جو اعتراف ڪندي ذلت جي احساس ۾، روزن ۾ ڳري ڪنڌا تي ويل ۽ ڪهُرن ماتمي ڪپڙن ۾ ويڙهيل، پڇتاءُ ڪرڻ وارا اسيمبلي جي دروازي وٽ اوندا ٿيا سجدي ۾ ڪريا پيا هيا ۽ عجز ۽ آزيءَ وچان ڳوڙها ڳاڙيندي پنهنجن گناهن جي معافي ونڊ لاءِ اختياريءَ وارن اڳيان التجائون ڪري رهيا هيا. [147] جيڪڏهن گناهہ انتهائي بدترين نوعيت جو آهي تہ سڄي سال تائين پڇتاءُ ڪرڻ ڪانپوءِ بہ رب العزت جي انصاف لاءِ اهو ناڪافي هوندو ۽ گناهگار لاءِ اهو ضروري آهي تہ ڪيس آهستي آهستي ۽ چيڀلائي عذابَ چڪائجن تہ پوءِ شايد فرقيباز يا مرتد کي ڪليسا جي رحمت ۾ ٻيهر داخل ڪري سگهجي ٿو. پر هميشہ واسطي تڙي ڪڍڻ جو فيصلو ڪجهہ اهڙن گناهن لاءِ مخصوص ٿيل آهي جيڪي تمام گهٽا سنگين ۽ معافيءَ جي قابل نہ آهن ۽ خاص طرح اُهي پڇتائيندڙ جيڪي توبهہ ڪرڻ ڪانپوءِ بہ ساڳين ڏوهن ڪرڻ ۾ ملوث ٿيا هيا ۽ چرچ جي پادرين جي رحم جي روَيي ۽ معافي ڏيڻ ڪانپوءِ بہ انجو ناجائز فائدو ورتو هو. حالتن مطابق ۽ ڏوهارين جي تعداد کي ڏسندي، عيسائي نظم ۽ ضَبط جو عمل پادرين جي راءِ ۽ اختيار تي مدار رکندڙ هو. ائنسيرا ۽ اِليبيرس جي ڪائونسلن جا اجلاسَ ساڳي وقت تي منعقد ٿيا ۽ هڪ گلاتيا ۾ ٻيو اسپين ۾ ٿيو، پر سندن مختلف قانون جيڪي اڄا تائين قائم آهن، اُنهن ۾ مختلف ڳالهيون سمايل آهن. هڪ گلاتيا جو ماڻهو جنهن پاڪ غسل ڪرڻ ڪانپوءِ بہ بار بار بتن آڏو قرباني ڪئي هئي، اُهو ستن سالن جي پڇتاءُ ۽ ڪفاري ڪڍڻ ڪانپوءِ معافيءَ جو حقدار ٿي سگهيٿو ۽ جيڪڏهن هن پنهنجي ڪُڌي مثال قائم ڪرڻ لاءِ ٻين کي بہ هرڪايو يا لالچايو هو تہ وڌيڪ ٽي سال بہ سندس نيڪالي واري سزا ۾ شامل ٿي ويندا. پر بدقسمت اسپين جو ماڻهو، جنهن ساڳيو ڏوهہ ڪيو هو، ڪيس بخشش جي هر اُميد کان مايوس ڪيو ويو، ان حد تائين جو سندس موت بہ ڪفارو ادا نہ ڪري سگهندو ۽ سندس بت پرستيءَ جي ڏوهہ کي سترهَن ٻين ڏوهن جي شروع ۾ ڇاڻايو ويو، جنهن خلاف هڪ خطرناڪ سزا ٻڌائي وئي. هنن ڏوهن ۾ هڪ اهو بہ شامل هو تہ هن هڪ پادري، نائب پادري ۽ هڪ راهب تي ڪوڙو الزام هٽي ڪين بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. [148]

مهربانين ۽ سخت روّين جي وچ وارو رستو. انعامن ۽ سزائن جو انصاف وارو عمل جيڪو پاليسيءَ جي اصولن ۽ انصاف جي گهُرجن مطابق هو. ڪليسا جي اختيارين ۽ طاقتن جا ڏنيا هيا. پادري، جن جي پيءُ واري شفقت ۽ مهرباني ٻنهي جهانن جي حڪومت لاءِ هئي، پنهنجن هنن حقن جي سلسلي ۾ تمام محتاط هيا ۽ پنهنجين خواهشن کي وقت جي ضرورت جي بهاني ۾ ڏيکيندي، اُهي ڪنهن به هي دعويدار کان حسد ڪندا هيا چو ته سندن خيال موجب جيڪو هنن ضروري نظر ۽ ضبط قائم ڪيو هو. يعني جيڪي فوجي هنن صليبي جهنڊي هيٺان جمع ڪيا هيا، ته کين اُنهن کي به ڇڏي وڃڻ کان منع ڪرڻو هو چو ته سندن ڪوششن سان اُنهن جو تعداد روز بروز وڌندو ٿي رهيو. سائپرين جي ظالماڻين تقريرن منجهان اسان کي اهو نتيجو ڪيڏو پوندو ته ڪليسا مان نيڪالي ڏئي ڇڏڻ ۽ پڇتاءَ ۽ ندامت جا اصولَ مذهب جو تمام لازمي حصو هيا. ۽ اهو حضرت عيسيٰ (ع - س) جي پوئلڳن لاءِ گهڻ خطرناڪ هو ته هو پادرين جي اختيارن نباهڻ کان پلي پاسيرا ٿي وڃن. ڪنهن ڪنهن اسان کي تصور ۾ ايندو آهي ته جڏ اسان حضرت موسيٰ (ع - س) جو آواز ٻڌي رهيا آهيون جڏهن هن زمين کي حڪر ڏنو هو ته: "ڪلي وچ ۽ ان فساد ڪندڙ قوم کي دفن ڪري کين ڇيون ڏيندڙ باهه جي شعلن ۾ ساڙي ڇڏ: چو ته هنن حضرت هارون (ع - س) جي پيغمبري کي نه ته مڃيو هو ۽ نه ان جي فرمانبرداري ڪئي هئي." ۽ ڪنهن وري اسان کي محسوس ڏيندو آهي ته اسان روم جي ڪونسل کي ڳالهائيندي ٻڌو هو جيڪو جمهوريه جي شان کي مٿاهون ڪري رهيو هو: ۽ پنهنجي اڻ مِٺ عزم جو اعلان ڪندي قانون جي سختي کي لاڳو ڪري رهيو هو. "جيڪڏهن قانون جو اهڙيون پيچڪريون بنا روڪ ٽوڪ، خوف ۽ خطري جي ڏيندیون رهيون، (اهو تڏهن ڏيو جڏهن ڪارڊيج جو پادري پنهنجي سائيءَ کي سندن نرم روّيي تي تنبيهه ڏو ڪري) "جيڪڏهن اهڙيون ڪوتاهيون اسان کان سرزد ڏيندیو رهيون، ته سمجهو ته پادريت ۽ ڪليسا جو جوش خروش به ختم ٿي ويندو: ته سمجهو ته ڪليسا جي نظام سنيالڻ جو مٿاهون ۽ خدائي اختيار به ختم ٿي ويندو. نه رڳو اهو پر پوءِ عيسائيت جو به خاتمو ٿي ويندو." سائپرين عارضي اختيارن کي ڇڏي ڏنو هو جيڪي، اهو عين ممڪن هو ته، هو ڪڏهن به نه وڻي ها پر ماڻهن جي ميڙ جو ضميرن ۽ سوچن تي مڪمل ضابطو جيڪو پلي اڻ ڇڻو هجي ۽ دنيا ان کان بچان به ڪئي هجي، پر آمريت جا اختيار،جيڪي ناراض ماڻهن مٿان فوجي اسلحي ۽ فتحن ذريعي حاصل ڏين ٿا، ڪڏهن انسان جي دل کي سچي خوشي ۽ فخر جو احساس ڏيارن ٿا.

هن ڏڳهي ۾ تمام اهم موضوع کي چيڙيندي مون ڪوشش ڪئي آهي ته اُنهن سببن کي ڳاڻائجي جن عيسائي مذهب جي سچائيءَ کي معلوم ڪرڻ ۾ اسان جي پوري مدد ڪئي آهي، جيڪڏهن هنن سببن منجهان، اسان کي ڪي مصنوعي ڳالهيون ،کي حادثاتي حالتون، يا غلطين ۽ جذبن جو ڪو مرڪب ڪٿي نظر اچي وڃي ته ان تي حيرت نه ڪرڻ گهرجي چو ته انسانذات اهڙن واقعن ۽ انديشن کان ضرور متاثر ٿئي ٿي جيڪي سندس نامڪمل فطرت لاءِ وڌيڪ موزون ٿا لڳن يا ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته اهڙا اوچتا واقعا ۽ حادثا ٿي انسانيت جي تڪميل لاءِ ضروري آهن. اها مدد اهڙن ئي سببن جي هئي، جوش جذبي جي، ۽ ايندڙ وقت جي دائمي رهندڙ دنيا جي اُميد هئي، معجزن جي دعويٰ، اخلاق ۽ نيڪيءَ جي معاملن ۾ سختي ۽ اوائلي ڪليسا جو آئين وغيره، انهن سيني ڳالهين ڪڏجي عيسائيت کي روم جي شهنشاهت ۾ هر طرف ڪاميابيءَ سان ڦهلائي ڇڏيو هو. هنن مان پهرين سببن لاءِ عيسائي

سندن بي بها بهادريءَ لاءِ احسانمند هيا، جو اهي دشمن اڳيان جُهڪڻ کان نفرت ڪندا هيا جن لاءِ هنن ڪين هر حال ۾ شڪست ڏيڻ جو عزم ڪيو هو. تي پويان سبب سندن بهادريءَ لاءِ گهربل اسلحي جون ضرورتون پوريون ڪندا هيا ۽ هنن مان پويَن ۽ آخري سببن سندن همت ۽ حوصلن کي متحد ٿي ڪيو ۽ سندن اسلحي جي استعمال لاءِ رهبري ٿي مهيا ڪئي ۽ سندن ڪوششن کي وڌيڪ سڏلائتو ٿي بنايو جنهن ذريعي ڪنهن ٽوري تعداد جا تربيت يافته بهادر رضا ڪارَ هڪ غير منظر ميڙ جي مٿان فتح حاصل ڪري وٺندا آهن، يعني ماڻهن جو اهڙو ميڙ جن کي نه ڪا خبر چار هوندي آهي ۽ نه وري جنگ جي موقعي جي اهميت کان آشنا رهندا اهن. گهٽن خدائن کي مڃڻ وارن مختلف مذهبن ۾، مصر ۽ شام جي ڪجهه رولَو جوشيلن، سادڙن ۽ وهمن وسوسن ۾ وکوڙيل ماڻهن سان ڳالهايو ۽ هي پادرين[150] جي ان طبقي سان تعلق رکندا هيا جن کي فقط ۽ فقط پنهنجي مذهبي ۽ خانقاهي طريقن جي پٽيرائي هئي ته سندن سچائپ ۽ مذهب جي طور طريقن واري هئي ۽ ڪين پنهنجن ديوتائن جي حفاظت ۽ بهتريءَ جو هر وقت اونو رهندو هو. روم توڙي ان جي صوبن ۾ گهٽن خدائن کي مڃڻ وارا وزير گهٽو ڪري سڏن خاندانن سان تعلق رکندا هيا ۽ ان سان گڏوگڏ دولتمند پڻ هيا جن جي حوالي مندرن جي سنڀال ڪئي وئي جيڪا هنن لاءِ هڪ وقار واري ڳالهه هئي. ان ڪانسواءِ ماڻهن طرفان قرباني ڪرڻ جا معاملا ۽ ڪين سؤنپيا ويا جيڪي هو پنهنجي خرچ تي ماڻهن اڳيان پيش ڪندا هئا. مقدس راندين[151] ۽ ڪيترا قديمي رسم ۽ رواج ۽، توڙي ڪٽي خلوص مان نه ملهائيندا هئا جيڪي ان وقت جي قانون ۽ ملڪ جي ريتن مطابق هوندا هيا. سندن جوش جذبا ۽ شوق ايترا گرمجوشيءَ وارا نه هيا ۽ نه وري اُهي ڪليسائي رسم و رواج موجب هيا. جيئن ته اُهي پنهنجي مندرن ۽ شهرن تائين محدود هيا، ته نظم ۽ ضبط ۽ حڪومت جي معاملن کان بلڪل ڪٽيل رهيا، ۽ جڏهن ته هنن سينيٽ جي حڪومتي نظام، پادرين جي اداري توڙي شهنشاهه کي تسليم ٿي ڪيو، ته شهري مئجسٽريٽن هڪ سؤلي ڪر ڪرڻ تي پاڻ کي مطمئن ٿي ڪيو ته ماڻهن جي عبادت ۽ عبادتگاهن ۾ هنن امن ۽ وقار کي قائم ڪيو هو. اسان اهو اڳ ۾ ئي ڏنو آهي ته گهٽن خدائن کي مڃڻ وارن جا مذهبي عقيدا ڪيڏا نه مختلف، بي ٽُڪا ۽ غير يقيني هيا. انُهن وهمن وسوسن جي فطري ڪمن جي تصور آڏو پنهنجن عقيدن کي ڇڏي ڏنو هو. سندن زندگي جي حادثاتي حالتن، موقعن ۽ سندن عقيدي جي حدن سندن مقصد جو ڏس ٿي ڏنو، ۽ جيئن ته سندن طرفان پوجا ۽ عبادت جو طريقو لڳاتار بگڙندو رهيو هو ڇاڪاڻ ته سندن ديوتائن جي تعداد لڳ ڀڳ هڪ هزار جي انگ کي وڃي ڏڪ هنيو هو ته اهڙي صورتحال ۾ اهو شايد ئي ممڪن هيو ته سندن دلين ۾ هيترن سارن منجهان ڪنهن هڪ ۾ عبادت لاءِ خلوص، جذبو ۽ عقيدت موجود هجي.

جڏهن دنيا ۾ عيسائيت ظاهر ٿي ته ان وقت هن قسر جا اُڻ ڇڻا ۽ اٽپورا اثر به پنهنجو اصلي وجود وڃائي چڪا هيا. انساني منطق، جيڪو بي يارو مددگار رهي ٿو، ان ۾ مذهب جي رازن کي سمجهڻ جي اهليت ئي ڪانهي، لادينيت جي حماقتن تي بهرحال هن سوپ ماٹي ورتي، ۽، جڏهن ٽرٽوليَن يا ليڪٽنٽيَس ان جي باطل حيثيت ۽ فضوليات تي پنهنجي طرفان مٹي ماري ڪن ٿا، ته مجبور ٿي هو سِيسرو جي خطاب جي فن يا ليوسيَن جي قابليت ڏانهن رجوع ڪن ٿا. هنن طنزيه تحريرن جو اثر سندن پڙهندڙن جي تعداد کان به گهٽو وڌي ۽ هر طرف پکڙجي ويو هو. بي اعتقاديءَ جي فضا هر طرف پکڙجي وئي: هڪ فيلسوف کان هڪ خوش ماڻهو يا ڏنڊي واري تائين، هڪ معزز کان

عام ماڻهوءَ تائين ۽ هڪ مالڪ کان وڌي هڪ خسيس غلام تائين جيڪو پنهنجي ٽيبل تي انتظار ۾ ويٺو هو ۽ ذوق شوق مان پنهنجي ڳالهه ٻولهه کي آزاد ماحول ۾ ٻڌي رهيو هو. عوامي شرڪت جي موقعن تي، انسانذات جي فلسفياڻي انداز مصنوعي طريقي سان پنهنجي ملڪ جي مذهبي ادارن جي عزت جو پرچار ڪيو. پر اُنهن خلاف سندن لڪل نفرت، سَنهَن پردن ۽ ڪوڙي لِڪَ منجهان آر پار ٿي ٻاهر نڪري آئي، ۽ توڙي عوام، جڏهن ڪين خبر پئي ته سندن ديوتائن کي ماڻهن رد ڪيو هو ۽ اُهي ماڻهو مٿن طنز مان ڪليا ٻه هيا جيڪي تڪليف مان اهو چوندا هئا ته اُهي احترام لائق هيا. پر پاڻ هاڻي سخت شڪن شبهن ۾ مبتلا ٿي ويا هيا ۽ اُنهن اصولن جي سچائيءَ کي ڳولي رهيا هيا جن ۾ اڳ سندن پڪو پختو يقين ۽ اعتقاد هوندو هو. قديمي تعصب جي زور ٽٽڻ، انسانن جي گهٽن رُخن کي وائڪو ڪري ڇڏيو هو ۽ هاڻي حالتون ڏکوئيندڙ ۽ بي چيني واري خطرائتي موڙ تي اچي بيٺيون هيون. جيڪي ذهين ۽ ڪوجنا ڪندڙ دماغ آهن اُنهن کي شڪ شبهن ۽ انتظار جي ڪيفيتن ۾ شايد مزو ايندو هوندو. پر وهمن وسوسن جو عمل هڪ وڏي ميڙ لاءِ ايترو ته مانائتو هوندو آهي جو جيڪڏهن ڪين زوريءَ جاڳائجي ٻه سهي ته پوءِ ٻه ان خواب واري ڪيفيت جي مزي جي ختم ٿيڻ تي ڪين افسوس ٿيندو هوندو. عجيب و غريب ۽ فطرت کان مٿاهين شين جو شوق، ايندڙ وقت ۾ ٿيندڙ واقعن لاءِ هورا ڪورا، ۽ اڻ ڏٺل دنيا جي لاءِ بيحد اُميدون ۽ خوف خطرن طرف سندن طبعي لاڙا، گهٽن خدائن جي عبادت جي شروعات ڪرڻ جا وڌي ۾ وڌا سبب هيا. بيهوده شين ۾ جلد اعتبار ڪرڻ ايترو ته ضروري ٿي پيو آهي جو ڪنهن ٻه مذهبي فلسفي جي خاتمي تي فورن ڪو ٻيو فلسفو ان جي جڳهه اچي والارينڊو جنهن جو بنياد پڻ وهمن وسوسن تي رکيل هوندو. نئين زماني جا ڪجهه هاڻوڪا ديوتا جيڪي وڌيڪ سجايل ۽ سنيگاريل آهن، اُهي ممڪن آهي ته جوپيٽر ۽ اپولو جا ويران ٽيل مندر وجي وَسائن، پر شرط اهو آهي ته ان فيصلي ڪرڻ واري گهڙيءَ ۾، رب تعاليٰ جي قدرت طرفان واقعي ڪنهن مٿان ربي الهام نه نازل ٿي وڃي جيڪو ماڻهن جو يقين ٻه پختو ڪندو ۽ اهڙي پيغام کان ماڻهو متاثر ٻه ٿيندا ۽ ان جو احترام ٻه ڪندا ته ساڳي وقت ماڻهو عبادت ۾ ٻه مشغول ٿي ويندا جنهن ۾ تجسُس ٻه هوندو ته حيراني پڻ ۽ ماڻهن طرفان عزت ۽ تعظيم جا جذبا ٻه هوندا. پنهنجي طبيعت ۾ جيئن ته ڪيترا ماڻهو پنهنجن اجاين تعصبن مان آجا ٿي چڪا هيا پر جيئن ته هو ڪنهن نه ڪنهن سان جذباتي تعلق رکڻ جا خواهشمند هيا ته ان صورتحال ۾ ڪابه شئي جيڪا هرگز ڪنهن ٻه اهليت لائق نه هئي پر پوءِ ٻه سندن دل ۾ جيڪا خالي جڳهه پيل هئي، ان کي ضرور پري ڇڏي ها ۽ سندن جذبن جي غير يقيني اُڻ تڻ ۽ طلب مطمئن ٿي وجي ها. اُهي جيڪي عيسائيت جي تيزيءَ واري واڌاري جي حقيقت کي جاچڻ ۽ پرکڻ جي بجاءِ، مٿي بيان ڪيل فضول ڳالهين تي وڌيڪ غور ڪن ٿا ته اُنهن کي شايد تعجب ٿيندو ته عيسائيت نه ته تيزيءَ سان ترقي ڪئي آهي ۽ نه وري اُها آفاقيت جي منزل تائين پهتي آهي.

سچائي ۽ معقوليت تي مبني هڪ مشاهدو سامهون آيو آهي ته روم جي فتحن دراصل عيسائيت کي تيار ڪيو ۽ اڳتي وڌڻ جون ڪيس سهولتون مهيا ڪيون. هن موضوع تي مبني هي باب ۾ اسان وضاحت سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ڪهڙي طريقي سان يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا جا مهذب ترين صوبا هڪ حاڪر جي حڪومت ۾ پاڻ ۾ متحد ٿي ويا هيا ۽ آهستي آهستي پاڻ ۾ قانون، رسمن رواجن ۽ ٻوليءَ جي ٻنڌڻن ۾ ملي هڪ ٿي ويا.

فلسطين جي يهودين، جن هڪ اهڙي ماٺهوءَ جي طلب ڪئي هئي جيڪو ڪين عارضي نجات ڏياري، خدائي پيغمبر جي معجزن جي گرمجوشيءَ مان آڇيان نه ڪئي هئي. اهو شايد فقط هنڪري ته هنن عبراني زبان ۾ مقدس ڪتاب نه ته ڇاپڻ چاهيو هو ۽ نه وري ان کي محفوظ ڪرڻ کي هنن مناسب سمجهيو هو. [152] حضرت عيسيٰ (ع - س) جي ڪردار بابت مستند تاريخون يوناني زبان ۾ لکيون ويون هيون جيڪي جيروسلم کان ڪافي پري هيون ۽ هي ڪر تڏهن تڪميل ٿيو هو جڏهن غير يهودي مذهب متائيندڙن جو تعداد تمام گهٽو ٿي ويو هو. [153] جيئن ئي اُنهن تاريخن جو لاطيني زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو ته اُهي روم جي ماٺهن لاءِ به پڙهڻ ۾ آسان هيون سواءِ مصر ۽ شام جي عوام ۽ هارين جي، ۽ اُنهن جي فائدي لاءِ اُنهن جي زبان ۾ ئي ڇاپا تيار ڪرايا ويا، فوجين جي استعمال لاءِ جيڪي شاهراهون ناهيون ويون هيون، اُنهن جي ذريعي عيسائي پرچارڪ هاڻي آسانيءَ سان دمشق کان ڪورنٿ ۽ ائلي کان اسپين ۽ برطانيہ جي آخري ڇيڙن تائين وڃي ٿي سگهيا؛ ته اهڙن روحاني فاتحن ڪڏهن به رستي تي ڪنهن به رڪاوٽ يا تڪليف جو مُنهن نه ڏٺو: نه ته اڪثر ڏٺو اهو ويو آهي ته ڏارئي مذهب کي ٻاهرين ملڪن ۾ آڻڻ يا نيڻ لاءِ بيشمار رندڪون وڙيون ويندیون آهن. ان ڳالهہ کي مڃڻ لاءِ مضبوط ۽ زبردست دليلَ موجود آهن ته ڊائڪليشين ۽ ڪانسٽنٽائن جي حڪومتن کان اڳ، حضرت عيسيٰ (ع - س) جي مذهب جي تبليغ هر صوبي ۽ بادشاهت جي هر وڏي شهر ۾ پوري زور شور سان ٿي چڪي هئي، پر وڏن وڏن ميڙن ۽ اجتماعن جو بنياد ۽ مذهب جا اُهي ماٺهو جن اهڙن ميڙن جو انتظام ڪيو هو ۽ ٻيو ته اُنهن جو تعداد مذهب جي منڪرن جي مقابلي ۾ ڪيترو هو وغيره اِهي سڀ تفصيل ڪنهن نامعلوم جڳهہ ۾ دفن ٿي چڪا آهن يا انسانن ۽ تقريرن ۾ ڪٿي لکايا ويا آهن. اهڙيون نامڪمل ڳالهيون جيڪي اسان جي معلومات ۾ آيون آهن ته ايشيا، يونان، مصر، ائلي ۽ مغربي ملڪن ۾ عيسائيت ڪيئن پکڙي، اسان هاڻي، صحيح يا خيالي حقيقتن کي نظرانداز نه ڪندي اڳتي وڌنداسون ۽ اوهان کي اُهي حقيقتون ٻڌائينداسون جيڪي روم جي شهنشاهت جي سرحدن کان ٻاڃا اڳتي هيون.

اُهي شاهوڪار صوبا، جيڪي فرات نديءَ کان آيونين سمنڊ تائين پهچن ٿا، خاص منظر نامو پيش ڪن ٿا جتي غير يهودي ماٺهن جو حواري نازل ٿيو هو ۽ پنهنجا جذبا ۽ نيڪيءَ جو اظهار ڪيو هٿائين. انجيل مقدس جا ٻڌ، جيڪي هن هڪ زرخيز زمين تي ڇڻيا ويا هيا، وڏي محنت سان سندس پوئلڳن اُنهن کي ڪيڙيو ۽ پوکيو هيو. ۽ اهو ڏسجي پيو ته پهرين ٻن صدين ۾، گهٽي ۾ گهٽا عيسائي انهن حدن اندر سمايل هيا. جيڪي سوسائٽيون شام ۾ ٿهيون، اُنهن مان ڪا به ابتري پراڻي يا ايتري مهذب ۽ جديد نه هئي جيتريون دمشق، بيرُعا يا الپو ۽ انٽڪ جون هيون. اثپوڪئلِپس جي پيغمبري جي درجي جهڙي تعارف ۾ ايشيا جي ستن ڪليسائن کي بيان به ڪيو ويو آهي ته اُنهن کي ان بيان ذريعي اُٽمِٽ به بنايو ويو آهي. اُهي هي آهن: ايفيسَس، اسمرنا، پرگئمَس، ٿياٽرا، ساردِس، لوڊيسيا ۽ فلاڊيلفيا ۽ اُنهن جون ڪالونيون سندس وڏي آدمشماري واري ملڪ تائين پکڙيل هيون. اوائلي دؤر ۾، قبرص ۽ ڪريٽ جي ٻيٽن، ٽريسس ۽ مئيڊونيا جي صوبن نئين مذهب کي وڏو آدر ياءُ ڏنو ۽ نتيجي ۾ عيسائي جمهوريہ جا هنڌ ڪورنٿ، اسپارٽا، ۽ ائينس جي شهرن ۾ قائم ٿي ويا. [155] يونان ۽ ايشيا جي ڪليسائن کي ڪافي وقت ملي ويو ته اُنهن ۾ وڌيڪ واڌارو اچي ۽ وڌيڪ ترقي ٿئي، ۽ دليل بازن ۽ ٻين فرقن جا لشڪر به بنيادي چرچ جي

بهتر حالت جي شاهدي ڏين ٿا ڇو ته فرقن جي لفظ جو استعمال گهٽو ڪري اُنهن لاءِ ٿيندو آهي جيڪي تعداد ۾ گهٽ هوندا آهن. هنن گهريلو شاهدين ۾ اسان غير يهودين جا ڪجهه اعترافَ، ڪجهه شڪايتون ۽ ڪجهه شڪ به ضرور شامل ڪنداسين. ليوسيَن جي تحريرن منجهان معلوم ٿئي ٿو ته هڪ فيلسوف جنهن انسانذات جو مطالعو ڪيو هو ۽ جيڪو سندن طور طريقا تمام خوش اصلوبيءَ سان بيان ڪري ٿو، ته اسان تي واضح ٿئي ٿو ته ڪموڊس جي حڪومت ۾ سندس اباڻو ملڪ پونٽَس ايپيڪيوريَنس ۽ عيسائين سان پريل هو. [156] پر حضرت عيسي (ع - س) جي [157] وصال کان فقط اسي سالن جي اندر، رحمدل پلني بُرائيءَ جي انتها ٿيڻ تي افسوس جو اظهار ڪري ٿو جنهن جي پاڙ پٽڻ جي هن ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نه ٿيو. پنهنجي هڪ اهر خط ۾ جيڪو هن شهنشاهه ٽراجن ڏي لکيو هو، هو تصديق ٿو ڪري ته مندر بلڪل ويران ٿي ويا هيا ۽ مقدس قربانين جو ڪو خريدار ڪونه هو. ۽ وهمن وسوسن جو زهر نه رڳو شهرن ۾ پکڙيو هو پر پهراڙين جي ڳوٺڻ ۽ واهٽن تائين به پهچي چڪو هيو. ان حد تائين جو پونٽَس ۽ بِٿنيا جهڙن ڪليل شهرن ۾ پڻ وبا جيان ڦهلجي چڪو هو. [158]

مٿي ڇاڻايل بيانن يا تبصرن جي تَهَ ۾ وڃڻ کان بغير، ڇو ته اُهي مشرق ۽ عيسائيت جي واڌاري تي يا ته خوش ٿيندا هٿا يا وري ان تي افسوس ڪندا هٿا، اسان عام طور تي اهو مشاهدو ڪيو آهي ته ڪنهن به ليکڪ اسان لاءِ ڪو مواد يا بنياد ڇڏيو ئي ڪونهي جتان اسان اُنهن صوبن ۾ مذهب جي مجيندڙن جو اندازو لڳائي سگهون يا ڪو صحيح حساب رکي سگهون. هڪڙي ڳالهه البت خوش قسمتيءَ سان محفوظ رهي آهي، جنهن ذريعي هن اَڻ ڇڻي پر نهايت ئي دلچسپ موضوعَ تي اُونداهيءَ منجهان به ڪجهه روشنيءَ جا ڪرڻا نظر اچن ٿا جيڪي ان موضوع کي روشن ڪندا. شهنشاهه ٽرڊوسيَس جي دوُر ۾ جڏهن عيسائيت، سڌ سالن کان به وڌيڪ عرصي تائين شاهي قربَ ۽ چپر چانوَ هيٺ مزا ماڻي رهي هئي ته ائٽنٽڪ جي قديمي ۽ علم سان روشن ڪليسا ۾ هڪ لک ماڻهو هٿا، جن مان ٽن هزار ماڻهن جي خير خيرات ذريعي مدد ڪئي ويندي هئي. [159] اوپر جي راڻيءَ جو شان ۽ سندس مرتبو، قصريَ، سلوشيا ۽ اليگزئنڊريا جون مجيل آدمشماريون ، ۽ هڪ زلزلي ۾ ايائي لک ماڻهن جي تباهي جنهن وڏي جسڻ [160] جي حڪومت ۾ ائٽنٽڪ کي به تڪليف پهچائي، ته اهي سڀئي ڳالهيون يقيني طرح سان ثابت ٿيون ڪن ته ان جي سڀني رهاڪن جو تعداد پنجن لکن کان گهٽ نه هو ۽ عيسائي پلي ڪٽي پنهنجي جوش يا طاقت ذريعي ڪيترا به وڏي ويا هجن پر ان عظيم شهر جي آدمشماريءَ کان ڪنهن به طرح سان پنجين حصي کان مٿي نه هيا، اسان پلي ڪٽي کو هيو حساب به رکون، پر جڏهن اسان هڪ تڪليف ۾ مبتلا ڪليسا جي پيٽ ان سان ڪريون تا جيڪا خوشي ۽ شادمانا پٽي ملهائي، يا اولهه جي اوير سان پيٽ ڪريون، پهراڙيءَ جي ڳوٺن جي شهرن سان، ۽ اُهي ملڪ جن تازو مذهب قبول ڪيو آهي، جو مقابلو جيڪڏهن اُنهن سان ڪجي جتي عيسائي عقيدو سڀ کان پهريون پهچي ويو هو ته پوءِ اها پيٽ غير منطقي ٿيندي. اها ڳالهه بهرحال هرگز نه لڪائي وڃي ته هڪ ٻي ٽڪري ۾ ڪرسوسٽر.* جنهن جا اسان احسانمند آهيون جو هن اسانکي اهر معلومات ڏني آهي، جنهن مطابق عيسائي مذهب جي بيشمار ماڻهن جو تعداد يهودين ۽ لادينن کان به گهٽو ٻڌايو ويو آهي. [161] پر هن ظاهري مشڪل جو حل آسان ۽ واضح ٿو نظر اچي. هڪ تقرير جو ماهر تبليغ ڪندڙ ائٽنٽڪ جي شهري ۽ ڪليسائي آئين جي وچ ۾ پيٽ ٿو ڪري ته ساڳي وقت عيسائين جي اُها

لسٽ جن کي پاڪ غسل ڪرڻ ڪانپوءِ بهشت ملڻ جي مبارڪ ملي هئي ۽ اُنهن شهرين جي لسٽ جن کي ماٺهن جي فراخ دليءَ تي حق ڏنو ويو هو. پهرين لسٽ ۾ غلام، ڏاريا ۽ ڪير پياڪ ٻارڙا ۽ شامل هيا، پر پوئينءَ مان اُهي ڪڍيا ويا هيا. اليگزئنڊريا جو وڏو وٽج واپار ۽ فلسطين کي ان جي ويجهڙائي، نئين مذهب کي آسان ۽ ڪشادو رستو ڏئي ڇڏيو. اهو تمام گهٽي تعداد ۾ ٽراپيوٽي يا اِسينيئس ۾ وڏيو جن جو تعلق مُروٽِس ڏنڊ سان هو. جيڪو هڪ يهودي فرقو آهي جنهن کي حضرت موسيٰ (ع - س) جي رسمن رواجن لاءِ تمام گهٽي عزت هوندي هئي. اِسينيئس جي سادگي واري زندگي، اُنهن جا روزا ۽ سنڊن ملڪ نيڪاليون، مال جي برادري، ڪنوارو رهڻ جو شوق، شهادت ماڻڻ سان دلچسپي، مذهبي گرمجوشي وغيره، سنڊن اوائلي مذهبي نظم ۽ ضبط جا صاف ۽ سٽا مثال هئا. [162] اها اليگزئنڊريا جي اسڪول جي جڳهه آهي جتي عيسائي مذهب کي هڪ باقاعدگي وارو ۽ سائنسي روپ عطا ٿيو ۽ جڏهن هئڊرئن مصر گهمڻ ويو تہ ان کي اُتي هڪ ڪليسا نظر آئي جنهن ۾ رڳا يهودي ۽ يوناني هئا، ۽ اها ڳالهه ان شهنشاهه جي توجهه ڇڪرائڻ لاءِ ڪافي هئي. [163] پر عيسائيت جو واڌارو ڪيتري ئي عرصي لاءِ فقط هڪ شهر تائين محدود رهيو، جيڪا خود هڪ ڏاري ڪالوني هئي ۽ هي صدي عيسوي جي آخر تائين، ڊميٽريس جا ابا ڏاڏا ئي فقط مصر جي ڪليسا جا سردارَ يارڪوالا هئا. تن پادرين کي ڊميٽريَس جي هٽن تي پاڪ ڪيو ويو ۽ اُهو تعداد سندس جانشين هراڪليَس جي دؤر ۾ وڌن تائين وڃي پهتو. [164] مقامي ماٺهن جيڪي پنهنجي سخت ۽ چِڙ چڙي طبيعت [165] جي ڪري ڇاتا ويندا هيا، نئين مذهب جي آڇيان نہ ڪئي ۽ اوريجن جي وقت ۾ پي، ڪنهن مصري ماٺهوءَ سان ملڻ محال هوندو هو جنهن پنهنجي مالڪ جي مقدس جانورن جي حق ۾ اڳين خيالن ۽ تعصبن کي پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏيو هو. [166] جيئن ئي، حقيقت ۾ عيسائيت کي تخت تي ويهاريو [167] ويو تہ بربرن جي جوش جذبي پي وقت جي حالتن کي سمجهي آڻ ميڙي، ۽ مصر جا شهر پادرين سان آباد ٿي ويا ۽ سبائس جا بيابان ويراڳين ۽ سنياسين سان ڀريل نظر اچڻ لڳا.

روم جي وڏي شهر ۾ هاٿي هر طرف ڏاريا ۽ ڳوٺاڻا ماٺهو گهمندي ڦرندي نظر ٿي آيا. جيڪو ڪجهه به اوپرو يا نفرت جوڳو هو تہ ڏوهي يا مشڪوڪ ماٺهو، گاديءَ جي هنڌ جي هيڏي ساري شهر ۾ اها اُميد ڪري پئي سگهيو تہ هو قانون ۾ جڪڑجڻ کان آسانيءَ سان بچي ويندو. مختلف قومن جي اهڙي ميلاپ ۾ هر استاد، سچائيءَ يا فريب جو، هر پايو وجهندڙ، نيڪي يا برائيءَ جي گروهه جو، پنهنجن پوئلڳن يا مجرمن جي تعداد جو خيرَ خوبيءَ سان اضافو ڪري پئي سگهيو. روم جا عيسائي، نيرو جي اتفاقي تڪليف ۾ مبتلا ٿيڻ جي وقت، ٽئسيئس مطابق، هڪ تمام وڏي لشڪر جي صورت وٺي چڪا هيا، [167] ۽ ان عظيم تاريخدان جي زبان ۾ لڳ ڀڳ اُها آهي جيڪا لِوي ڪتب آندي آهي جڏهن هو بئڪَس جي تعارف ۽ ڪيس تنگ ڪرڻ ۽ ايذائڻ جي رسمن جو ذڪر ٿو ڪري، بئڪَنالس جڏهن سينيٽ جي سختيءَ کي جاڳايو تہ ان ڪانپوءِ اهو گمان ڪيو ويو هو تہ هڪ تمام وڏو هجوم، ڇڻ تہ اُهي ڏاريا ماٺهو لڳي رهيا هيا، نفرت لائق ڳجهن اِسرارن طرف وڃي رهيو هو. بعد ۾ هڪ ٿَهَ تائين پهچڻ واري جاچ ذريعي معلوم ٿيو تہ تڪليف پهچائڻ وارن هاڃيڪارن جو تعداد ستن هزارن کان مٿي نہ هو، هڪ اهڙو تعداد جيڪو ڪافي خطرناڪ ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن ان کي انصاف جو مقصد تصور ڪيو وڃي. [168] اها هڪ واضح رعايت ٿيندي

جيڪڏهن اسان ٽئسيٽس جي منجهيل جملن کي سمجهڻ جي کوشش ڪريون ۽ پلني جي پهرين مثال ۾ جڏهن اُهي گمراهه ٿيل مذهبي جنونين جي ميڙ جي باري ۾ وڌاءُ ڪن ٿا جن ديوتائن جي طئي ٿيل عبادت کي ڇڏي ڏنو هو. روم جي ڪليسا بلاشڪ شهنشاهت جي پهرين ۽ وڏي هئي ۽ اسان کي هڪ مستند رڪارڊ هٿ آيو آهي جيڪو ان شهر ۾ مذهب جي حالت جي، ٽين صدي جي وچ ڌاري ۽ اَٺينهن سالن جي امن ڪانپوءِ تصديق ڪري ٿو. ان وقت مذهبي ماڻهن ۾ هڪ پادري، چائيتاليهه نائب پادري، ست راهب ۽ اوترائي نائب راهب، ٻائيتاليهه پادرين جا خدمتگار ۽ پنجاهه ريڊر، يوپا (جنن ڪيڏ وارا) ۽ ڪولي هوندا هيا، ڪمزورن ۽ اپاهجن جي بيواهن ۽ ٻين غريبن جو تعداد جيڪي مذهبي ماڻهن جي خيرات ڏيڻ تي پلندا هيا، پندرهن سؤ هيو. [169] دليلن ذريعي توڙي ائٽنٽڪ جي مثالن منجهان اسان اهو ٻڌائڻ جي جرئت ڪري سگهون ٿا ته روم جي عيسائين جي تعداد جو تخمينو پنجاهه هزار ماڻهن جي لڳ ڀڳ ڪيو ٿيندو. ان عظيم شهر جي صحيح آبادي جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي پر جيڪڏهن ڏڃي ڏڃي ۽ هڪ محتاط اندازو ٻه لڳائجي ته ان شهر جا رهواسي ڏهن لکن کان گهٽ هرگز نه ٿيندا، جن مان فقط عيسائي وڌ ۾ وڌ ان جو ويهون حصو ڪيو ٿيندا. [170]

اولهه جي ڳوڻائن عيسائيت بابت معلومات ساڳين ذريعن مان ورتي آهي جن کين اڳ ۾ ٻوليءَ، جذبا ۽ روم جا طور طريقا سيکاريا هيا. هن اهم سلسلي ۾، آفريڪا توڙي گال کي روم جي گاديءَ جي هنڌ جهڙو ناهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي، تنهن هوندي ٻه، توڙي جو ڪيترن ئي مناسب موقعن تي روم جي مبلغن کي دعوت ڏني وئي هئي ته هو لاطيني صوبا ڳهمي اچن، پر ان ۾ ٻه وڏو وقت لڳو هو ته هُو سمنڊ يا ائلپس جبلن تائين پهچي سگهيا هيا، [171] ته وري اسان کي اهڙن وڏن ملڪن ۾ ڪنهن عقيدي يا مذهب جا نشان ملن ٿا يا وري ڪنهن کي تڪليفن يا اذيتن پهچائڻ جي شاهدي ملي ٿي جو ته انهن جي چوٽي ائٽٽوننس جي حڪومت [172] کان ٻه مٿاهين هوندي آهي. مقدس ڪتاب جو وِڪَ وِڪَ وارو واڌارو گال جي ڏڪي آبهوا ۾ بلڪل ڏِرائيءَ وارو هو جڏهن ته آفريڪا جي تپندڙ واريءَ ۾ ان جي اجيان پوري گرمجوشيءَ ۽ پرپور طريقي سان ڪئي وئي. آفريڪا جي عيسائين، اوائلي ڪليسا جي مکيه ميمبرن جو هڪ جوڙجڪ ناهي ورتو. ان صوبي ۾ پادرين کي پرتي ڪرڻ جي رسم هلي پئي جيڪي تمام ننڍن شهرن ۽ ننڍڙن ڳوٺن لاءِ مقرر ڪيا ويندا هيا. ان سلسلي مذهبي سوسائٽين ناهڻ ۽ اُنهن جي شان شوڪت وڌائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. ۽ ٽين صدي عيسوي ۾ ٽرٽولين جي جوش اُنهن ۾ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو. سائپرين جي قابليت اُنهن جي هدايتڪاري ڪئي ۽ لئڪٽنٽيس جي فصاحت بلاغت اُنهن کي سينگاريو ۽ سنواريو. پر، ان جي برعڪس جيڪڏهن گال تي نظر ڊوڙايون ٿا ته اسان ايترو ڏسي شايد پاڻ کي مطمئن ڪري ڇڏيون ته مارڪَس ائٽونينَس جي دؤر ۾ ليونس ۽ وئينا جا گڏيل پر ڪمزور ميڙ نظر ڪي آيا، ۽ وري پوءِ ڊيسيَس جي حڪومت ۾ اسان کي يقين ڏياريو ويو ته چند شهرن ۾ فقط آرَلس، ناربون، ٽولُوز، لِموجس، ڪلرمونٽ، ٽورس، پئرس ۽ ڪجهه ٽڙيل پکڙيل ڪليسائن کي عيسائين جي ٿورڙي تعداد جي عقيدي ۽ جوش جذبي جي پٽيرائي هئي. [173] خاموشيءَ جو، عبادت ۽ عقيدت سان ميلاپ ۽ ناهه ضرور آهي پر اُها جوش جذبي سان گڏ نٿي هلي سگهي، ته اسان انهن صوبن ۾ عيسائيت جي ڪمزور حالت جواندازو لڳائي سگهون ٿا ۽ ان تي افسوس ٻه ڪريون ٿا جتي هنن ڪلٽي زبان کي هٽائي لاطيني اختيار ڪئي

هئي، جو تہ اُنهن پهريئن تن صدين ۾ ڪنهن بہ ڪليسائي ليکڪ کي جنر نہ ڏنو هو. گال، جنهن ائلپس جي پاسي وارن سيني ملڪن جي پيٽ ۾ پنهنجي علم ۽ اختيارين جي برتريءَ جي جائز دعويٰ ڪئي هئي ۽ انجيل جي روشنيءَ جا ڪرٽا اسپين ۽ برطانيہ جهڙن پرانهن صوبن تائين پنهنجي هلڪي هلڪي روشني پهچائي رهيا هيا، ۽ جيڪڏهن اسان ترتولين جي زوردار بيانن جو جائزو وٺون تہ اُنهن وٽ مذهب جي روشنيءَ جون پهريون لاٽون اڳي ئي پهچي چڪيون هيون جڏهن هو شهنشاهہ سيورَس جي مٿجسٽريٽن اڳيان معافي وٺڻ لاءِ مخاطب ٿيو هو. [174] ۽ يورپ جي مغربي ملڪن جي ڪليسائن جي اصل ۽ شروعات بابت احوال ايترو تہ اَڻ ڇنو ۽ اڻپورو آهي ۽ ان کي ايترو تہ لاپرواهيءَ منجهان رکارڊ ڪيو ويو آهي جو جيڪڏهن اسان ان جي بنياد پوڻ جي وقت ۽ حالتن کي بيان ڪريون تہ اسانکي قديمي دؤر واري خاموشي اختيار ڪرڻي پوندي جيڪا ڪنهن زماني ۾ حرصَ يا وهمن وسوسن ذريعي ٻاوَن کي پنهنجين اڪيلين ۽ ڏکوئيندڙ ڪوڙين جي تنهائيءَ ۾ مجبور ٿي اختيار ڪرڻي پئي هئي. [175] اهڙين مقدس پيار وارين گهڙين مان، هڪ حواري سينٽ جيمس جو مثال پنهنجي اهميت ۽ نوعيت جي حساب سان بيان ڪرڻ جوڳو آهي. هو گين سارٽ ڏنڏ جي هڪ غير اهر مُهاڻي منجهان راتو رات هڪ بهادر سردار بنجي ويو جنهن کي اُتر - اولهہ آفريڪا جي مسلمانن خلاف جنگين ۾ اسپين جو سپهہ سالار ٻڌايو ويو. سنجيده تاريخدانن سندس جنگي مُهمن کي ساراهيو آهي ۽ ڪامپوسٽيلا جو حيرت انگيز مقبرو پڻ سندس زور ۽ طاقت جي شاهدي ڏئي ٿو ۽ فوجي سلسلي جي هڪ نمايان تراڙ، جنهن کي سخت تحقيقات جي خطرن مان گذرڻو پيو هو، مٿس بيهودي تنقيد جي سيني اعتراضن کي دور ڪرڻ لاءِ ڪافي سمجهي وئي هئي. [176]

عيسائيت جو واڌارو فقط روم جي شهنشاهت تائين محدود نہ هو: ۽ اوائلي وڏڻ ۽ بزرگن مطابق، جيڪي حقيقتن کي پيشنگوين ۽ معجزن تي پرکن جا عادي آهن، نئون مذهب، پنهنجي بانيءَ جي موت کان پوءِ، هڪ صديءَ جي اندر دنيا جي ڪُنڊ ڪَڇ تائين پهچي چڪو هو. جسٽن مارٽر چوي ٿو: "ڪٿي بہ ۽ ڪو بہ اهڙو ماڻهو ناهي پوءِ تورَي يوناني هجي يا بربر، يا ماڻهن جي ڪنهن بہ قوم سان تعلق رکندڙ هجي، يا ڪهڙن بہ لقبن يا طور طريقن ذريعي ڄاتو ويندو هجي، يا اُهو ڪنهن بہ فن، هنر تانجو ٻني هاري جي ڪيڙڪان بہ پلي نا واقف هجي، جهوپڙن يا تنبُن هيٺان رهندو هجي يا ائين گهمندڙ ڦرندڙ ۽ رُلندڙ هجي، مطلب اهو تہ دنيا جي ڪنهن بہ جڳهہ تي رهندو هجي ڇا بہ ڪندو هجي پر اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ اُهو صليب تي چاڙهيل حضرت عيسيٰ (ع - س) جي عبادت ضرور ڪندو هوندو." [177] ۽ هيڏو شاندار مبالغو جيڪو اڄ جي دؤر ۾ بہ ماڻهن جي مذهبي حالتن ۽ ڪيفيتن کي ڏسندي مطابقت رکندڙ نہ هوندو. انکي هڪ بنياد پرست مذهبي ماڻهوءَ جي غير منطقي ۽ اُبهري راءِ يا هڪ بيخبر ليکڪ جو اندازو ڪوئي سگهجي ٿو جنهن جو عقيدو ۽ نظريو سندس ئي خواهشن جو محتاج هجي. پر حقيقت اها آهي تہ نہ عقيدو ۽ نہ وڏڻ جون ذاتي خواهشون تاريخ جي اَٽل حقيقتن کان انڪاري ٿي سگهن ٿيون. ان حقيقت ۾ ڪنهن بہ شڪ يا گمان جي گنجائش ڪانهي تہ اسڪينڊيا ۽ جرمني جا بربرَ، جن بعد ۾ روم جي شهنشاهت کي اُونڌي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، لادينيت جي انڌاري ۾ غرق ٿيل هيا، ان حد تائين جو آئبيريا، آرمينيا يا حبش جي ماڻهن طرفان نئين مذهب ۾ داخل ٿيڻ جو عمل بہ تيستائين ڪامياب ۽ مڪمل نہ ٿيو هو جيستائين هڪ

بنياد پرست شهنشاهه طرفان شاهي لَٽ جي ڏاڍَ ۽ ڏهڪاءَ جو استعمال نه ٿيو هو.[178] ان کان اڳ ۾ ڪئليڊونيا[179] جي ڪجهه قبيلن ۾، جنگين جي ڪجهه واقعن يا وٽج واپار ذريعي، انجيل يا عيسائيت بابت اٽڪورو پرچار ڪيو ويو هو ۽ اها ڪوشش رائين، دنيوب ۽ فرات جي سرحدن ۽ ڪنارن تائين پڻ ڪئي وئي هئي.[180] بيان ڪيل آخري ندين کان اڳتي ايڊيسا کي البت اهو اعزاز حاصل هو ته هو گهٽو اڳ مذهب ۾ مضبوطيءَ سان داخل ٿي چڪو هو.[181] ايڊيسا کان عيسائيت جا اصول يونان ۽ شام جي شهرن تائين متعارف ٿي ويا جيڪي ارد شير جي جانشينن کي ميڏندا هيا پر ان جي باوجود اُنهن جو فارس وارن تي اڳا ايترو اثر نه ٿيو هو ۽ جن جو مذهبي سرشتو، پادرين جي محنتن ۽ نظر ۽ ضبط وسيلي، يونان ۽ روم وارن جي غير يقيني مذهبي اصولن جي مقابلي ۾ قابليت ۽ دانائيءَ جي مضبوط بنيادن تي بينل هو.[182]

عيسائيت جي واڌاري ۽ ان جي اُپرڀ جي باري ۾ هن غير جانبدار جائزي، پوءِ ڪٽي ڪجهه اٽڪورو ئي سهي، مان چڱيءَ طرح خبر پوي ٿي ته نئين مذهب ۾ داخل ٿيندڙن جي تعداد کي، هڪ طرف خوف وچان ته ٻي طرف عقيدت منجهان تمام گهٽو وڌائي پيش ڪيو ويو آهي. اوريجن[183] جي اعتماد ۽ ويساهه واري شاهديءَ مطابق، نئين مذهب اختيار ڪرڻ وارن جو تعداد لادينن جي مقابلي ۾ تمام گهٽو گهٽ هو. پر جيئن ته اسان کي اڳا پوري ۽ واضح معلومات حاصل ڪانهي، ته ان صورتحال ۾ اوائلي عيسائين جي صحيح تعداد جو ڪاڙو ڪرڻ نه رڳو ناممڪن آهي پر ان جو هڪ سرسري اندازو ڪرڻ به ڏاڍو ڏکيو آهي. وري به ڪجهه مناسب طريقي جو ڪاڙو، ائٽنئڪ ۽ روم جي مثالن منجهان ڪڍي سگهجي ٿو پر اهو اسان کي ان ڳالهه جي اندازي لڳائڻ جي اجازت نه ڏيندو ته شهنشاهت جي شهرن جي ويهين پتيءَ کان وڌيڪ ماڻهو ڪانسٽنٽائن جي مذهب قبول ڪرڻ کان اڳ عيسائيت جي جهنڊي هيٺان داخل ٿيا هوندا.* پر سندن عقيدي جا طريقا، سندن جذبو ۽ جيڪا هنن جي پاڻ ۾ ٻڌي هئي انهن سڀني ڳالهين سندن تعداد کي وڌايو ۽ انهن ئي سببن جن جي ڪري هو مستقبل جي وقت ۾ وڌيا، سندن اصل تعداد کي وڌيڪ نمايان ۽ بيحد طاقتور بنائي ڇڏيو.

شهري سوسائٽي جو جوڙجڪ ڪجهه اهڙي قسر جو هوندو آهي جو هڪ طرف ماڻهو پنهنجي دولت، اعزازن، علم ۽ هاڻ جي مٽيرائيءَ ذريعي نمايان ٿيندا آهن ته ٻي طرف ماڻهن کي ننديو ۽ ذليل ڪيو ويندو آهي جو ته اُهي اڻپڙ، جاهل، غريب ۽ مسڪين هوندا آهن. عيسائي مذهب جيڪو سڀني انسانذات لاءِ هيو، مٿاهن ماڻهن جي مقابلي ۾ هينئين طبقي جي ماڻهن تمام گهٽي تعداد ۾ ان کي قبول ڪيو. اهڙين معصوم ۽ فطري حالتن تي به ڪجهه ماڻهن طرفان نفرت جوڳيون تهمتون لڳايون ويون آهن جن جي مذهب جي محافظن ايتري پُرزور تردید نه ڪئي آهي جيترا ان جي مخالفن ان مٿان الزام لڳايا آهن. ته عيسائي اهڙي بيڪار ۽ فضول آدمشماريءَ جو مجموعو هئا جيڪا هارين نارين، مسترين، چوڪرن، عورتن، گداگرن ۽ غلامن تي ٻڌل هئي، جن مان آخري طبقو ممڪن هو ته مذهب جي پرچارڪن کي شاهوڪار ۽ خانداني ماڻهن سان ملائي ۽ اُنهن جي ويجهو آڻي جن سان سندن تعلق هيو. هي اٽڪاتل ۽ اڻوجهه استاد (ڪدورت ۽ لامذهب هئڻ جو اهو الزام هو) جيترا قومي زندگي ۾ گونگا هيا ته وري اوترائي پنهنجي ذاتي زندگي ۾ ڳالهائڻ جا شوقين ۽ ماهر هيا. هڪ طرف هو وڏي احتياط ۽ چالاڪيءَ مان فيلسوفن سان ملڻ ۽ اُنهن

جي آمهون سامهون ٽيڻ کان گهٻرائيندا هيا تہ ٻي طرف وري اڻ گهڙيل جاهلن ۽ اڻ پڙهيلن جي ميڙ ۾ خوشيءَ سان هليا ويندا هيا ۽ پنهنجي پاڻ کي اُنهن جي دماغ ۾ وڃي اوتيندا هيا جن لاءِ سندن عمر، جنس يا سندن تعليم نهايت ئي سازگار هوندي هئي جيڪي سندن خطرناڪ وهمن وسوسن کي بہ آسانيءَ سان قبول ڪري وٺندا هئا. [184]

تصوير جو هي نامناسب رخ، توڙي جو ان ۾ ڪجهہ مشابهت پڻ آهي، پر ان جي غير معقول ڪارن رنگن ۽ بگڙيل مُهاندن، دشمن جي پينسل جي راز کي کولي ڇڏيو هو. جيئن ئي حضرت عيسيٰ (ع - س) جو مانيٽو مذهب سڄي دنيا ۾ ڦهليو تہ ان کي بيشمار ماڻهن، فطري فائدن جي ڪري يا ان کي پنهنجو پاڻ سمجهي، قبول ڪري ڇڏيو. ارسٽائيڊس، جنهن شهنشاهہ هئڊرئن جي خدمت ۾ پنهنجي معافي فصاحت ۽ بلاغت سان پيش ڪئي هئي، ايٿنس جو هڪ فيلسوف هيو. [185] جسٽن مارٽر کي خدائي علم زينو، ارسطو، پٽاغورس ۽ افلاطون جي اسڪولن مان حاصل ٿيو هو، ان کان اڳ خوش قسمتيءَ سان هڪ پوڙهي ماڻهو بلڪ هڪ فرشتي سان مُنهن مقابل ٿيو هو جنهن هنجو ڏيان يهودي پيغمبرن کي ڇاڻڻ ۽ سمجهڻ طرف ڇڪرايو هو. [186] اليگزنڊريا جي ڪليمينس يوناني علمن کي گهٽو ڪجهہ پڙهيو هو ۽ ٽرٽولين لاطيني زبان تي عبور حاصل ڪيو هو. جوليَس آفريڪئنَس ۽ اوريجن پنهنجي وقت جا وڏا عالم ۽ داناءَ ليکيا ويندا هيا، ۽ توڙي جو سائپرين جو لهجو لئڪٽئنٽيَس کان گهٽو مختلف آهي پر اها ڳالهہ پوءِ بہ صاف ظاهر ٿئي ٿي تہ ٻئي وڏا ليکڪ، تقرير ۽ تحرير جا وڏا ماهر استاد هئا. فلسفي جو علم پڻ آخرڪار عيسائين کي سيکاريو ويو هو، پر ان هر وقت گهُريل نتيجا نہ ملي سگهندا هئا، علم ۽ ڇاڻ کي گهٽو ڪري تفرقي بازن يا جنکي عقيدت جو ابو چيو ويندو هو ۽ بيان بازي جيڪا آرٽيمن جي پوئلڳن لاءِ مخصوص ڪيل هئي. اُها اُنهن فرقن لاءِ بہ اوتري ئي معقول ۽ موزون هئي جن حوارين جي جانشينن جي پربور مخالفت ۽ مزاحمت ڪئي هئي. اُهي سمجهن ٿا تہ هو مقدس ڪتابن ۾ ٽيرڪار ڪري ڇڏيندا، مذهب جي قديمي قانون کي ڇڏي ڏيندا ۽ پنهنجا خيال ۽ رايا، دليل ۽ منطق جي مهذب اصولن مطابق ناهيندا. جاميٽري کي پڙهڻ لاءِ ڪليسا جي سائنس کي غير اهم سمجهيو وڃي ٿو، ۽ جڏهن هو زمين جي ماپ ڪرڻ شروع ڪن ٿا تہ ڪائنس بهشت وڃائجي وڃي ٿو. يوڪلڊ مستقل طور سندن هٿن ۾ آهي. اُرسطو ۽ ٽيوفرئسٽَس سندن تعريف ۽ واکاڻ جهڙيون هستيون آهن ۽ ڪُلن جي عظيم ڪارنامن لاءِ اُنهن جي دلين ۾ بيحد احترام ۽ عزت آهي. سندن غلطيون فقط اُنهن ڪمن ۾ سرزد ٽيون ٿيون جيڪي لادينين طرفان فن ۽ سائنس جي غلط استعمال ذريعي ٿيون آهن ۽ اُنهن انجيل مقدس جي سادگي ۽ نِج هئڻ کي بہ ان ۾ دليلن جا واڌارا ۽ سڌارا آڻي بگاڙي ڇڏيو آهي. [187]

ان ڳالهہ جي تصديق بہ پوري سچائيءَ سان ٿي ڪري سگهجي ٿي تہ هڙَ ۽ پاڻ جي فائدن کي عيسائيت جي مذهبي سرشتي کان هميشہ لاءِ جدا ڪيو ويو هو. روم جي ڪيترن ئي شهرين کي پلني جي ٽريبونل آڏو آندو ويو هو جنهن کي حيرانيءَ منجهان معلوم ٿيو تہ فقط بٽنيا ۾ ئي هر طبقي جي بيشمار ماڻهن پنهنجن ابن ڏاڏن جي مذهب کي ڇڏي ڏنو هو. [188] هن سلسلي ۾ ڪنهن بہ شڪ ۽ گمان کان مٿاهين سندس شاهديءَ جي صداقت ٽرٽولين جي جرئت واري اُن للڪار جي مقابلي ۾ وڌيڪ ويساهہ جوڳي آهي، جڏهن هو آفريڪا جيَ مئجسٽريٽ جي انسانيت اڳيان پنهنجن خوفن ۽ انديشن جو اظهار ڪري ٿو ۽ ساڳي وقت ڪيس للڪاريندي يقين بہ ڏياري ٿو تہ جيڪڏهن هو پنهنجي

ظالماڻي ارادن تي قائم رهيو تہ پوءِ کيس کارٿيج جي هر ڏهين ماڻهوءَ کي قتل ڪرڻو پوندو ۽ جيڪي ماڻهو ان ۾ مجرم ثابت ٿيا تہ اُنهن ۾ کيترا سندس ٿي رتبي وارا شخص هوندا، جن ۾ سينيٽر به هوندا تہ کيترين معزز خاندانن جون عورتون به هوندين ۽ سندس تمام ويجهڙن دوستن جا عزيز ۽ دوست به ان ۾ شامل هوندا. [189] بعد واري مشاهدي مان اهو معلوم ٿيو تہ چاليهن سالن کانپوءِ شهنشاهہ وٿلرئن جي دؤر ۾ اهو اندازو سچ ثابت ٿيو جو تہ پنهنجي هڪ فيصلي ۾ هن ڇاڻايو آهي تہ کيترائي سينيٽر، روم جا سردار ۽ وڏن خاندانن جون عورتون عيسائي فرقي کي عام ڪرڻ ۾ ڏڏل هيون. [190] کليسا به رڳو پنهنجي باهرئين ۽ ظاهري شان شوکت کي وڌائڻ ۽ سنوارڻ ۾ مصروف هئي جو تہ "اندر مڙيئي اڳڙيون" واري نوبت اچي وئي هئي ۽ سندس نِج پڻو ۽ سچائي ختم ٿي چڪي هئي ۽ شهنشاهہ ڊائڪليشين جي حڪومت ۾، محلات، انصاف واري عدالت توڙي فوج، بيشمار عيسائين جا نالا ظاهر نہ ڪيا هيا جن پوري پوري ڪوشش ڪئي هئي تہ ايندڙ زندگيءَ جي مقابلي ۾ هلندڙ وقت جي ضرورتن ۽ فائدن کي وڌيڪ اهميت ڏني وڃي.

ڪجهہ اهڙا مثال جيڪي مٿي بيان ڪيا ويا آهن يا تہ تعداد ۾ تورڙا آهن يا وري ويجهي وقت جا آهن جن جو مقصد جهالت ۽ انڌاري جي تُهمت کي دور ڪرڻ آهي جيڪا عيسائيت جي پهريَن مذهب اختيار ڪندڙن تي هروپرو يا حالتن پٽاندر لڳي هئي. پوئين دؤر جي افسانوي ڳالهين کي پنهنجي فائدي ۾ ڪرڻ بدران اها ڳالهہ وڌيڪ دانشمنديءَ واري ٿيندي تہ مڙهيل الزام منجهان پي ڪو تعميري ڪم ونجي. غور سان سوچڻ تي اسان جي سمجهہ ۾ اهو ٿو اچي تہ حوارين کي گئليلي جي مهاڻن منجهان قدرت پاڻ چونڊيو هو ۽ اسان پهريَن عيسائين کي جيترو به گهٽو ڏهائينداسين يا کين سوڙهو ڪنداسين تہ اسان کي اها ڳالهہ اجا وڌيڪ مانائتي نظر ايندي تہ سندن وصفن، خوبين ۽ ڪاميابين جي واکاڻ ڪريون. اهو اسان تي لازم ٿئي ٿو تہ اسان هر حال ۾ اهو ياد رکون تہ جنت جي بادشاهيءَ جو واعدو روحاني طور غريبن سان ڪيو ويو هو ۽ جن ماڻهن کي هن دنيا ۾ ڏک درد مليا ۽ انسانذات طرفان کين نفرت پلئہ پيئي تہ اهڙا ماڻهو خوشي ۽ سکون سان خدائي آواز ٻڌي ونڊ تا جيڪو کين مستقبل جي خوشين جا خزانا ٿو آڇي: جڏهن تہ انجي برعڪس پاڻ وارا ۽ دولتمند ان ۾ خوش آهن جيڪو ڪجهہ بہ هن دنيا ۾ وٽن موجود آهي، ۽ جيڪي سياڻا آهن اُهي شڪ ۾ غرق آهن ۽ پنهنجي منطق ۽ علر جي اجائي برتريءَ سان هو فساد ڪن ٿا ۽ ان سان اختلاف رکن ٿا.

ڪڏهن ڪڏهن اسان اهڙين ڳالهيون پاڻ کي سکون ۽ تسلي ڏيڻ خاطر ڏهرائيندا آهيون جو تہ اسان کان بيحد مانائتا ۽ عظيم انسان وڃڻ ويندا آهن جيڪي اسانجي نظر ۾ بهشت جا حقدار آهن. جيئن سينيڪا، وڏو تورڻ نندو پلني، ٽئسيٽس، پلوٽارچ، گئلن ۽ غلام ايپڪٽيٽس يا شهنشاهہ مارڪس ائنٽونينس اهڙا انسان هٿا جن ان دؤر جي سُونهن کي وڌايو هو جنهن ۾ هو رهندا هٿا ۽ انساني فطرت کي پنهنجي مثال ذريعي وقار بخشيو هٿائون. اُنهن پنهنجن مختلف مرتبن جو شان هِن توڙي فِڪري زندگي ۾ ايا وڌائي ڇڏيو هو. سندن سوچ اڃ ٿي ڪمال واري هئي ويتر اُها سندن مطالعي جي شوق سبب مٽاهين ٿي وئي هئي: فلسفي سندن دماغن کي ان وقت جي وهمن وسوسن کان نجات ڏياري صاف ۽ اڇو اُجرو بنائي ڇڏيو هو ۽ سندن راتيون توڙي ڏينهن سچ جي جستجو ۽ نيڪي ۽ چڱائي

جي ڪمن ۾ گذرندا هئا. ان جي باوجود اهي درويش (اها تعجب جي نہ پر تشويش جي ڳالهہ آهي) عيسائي مذهب جي تڪميل ڪي يا تہ رد ڪندا هيا يا ان کي ڪا اهميت ئي نہ ڏيندا هئا. سندن لهجي، زبان توڙي سندن خاموشيءَ مان بہ عيسائيت لاءِ نفرت پئي جهاتيون پائيندي هئي، جيڪا سندن وقت ۾ ئي روم جي پوري شهنشاهت ۾ پکڙجي چڪي هئي. انهن منجهان اُهي جيڪي مهرباني ڪندي عيسائين جو تذڪرو ڪندا هيا تہ اُنهن کي هنيلو ۽ پٽڪيل جذباتي سڏيو ويندو هو جيڪي پنهنجن مخفي ۽ رازداريءَ وارن اصولن جي فرمانبرداري ڪرائيندڙ هيا پر ان جي بچاءَ ۾ وٽن کو بہ معقول دليل ڪونہ هو جيڪو عقل ۽ علم وارن ماڻهن جو ڏيان ڇڪرائي سگهي.[191]

اها ڳالهہ ڪافي مشڪوڪ ٿي لڳي تہ ڪنهن بہ فيلسوف اوائلي عيسائين جي دفاع نامن جو مطالعو ڪيو هجي جيڪي هو پنهنجي طرفان توڙي مذهب پاران ڇپرائيندا رهندا هيا: پر ان ڳالهہ تي افسوس ٿو ٿئي تہ اهڙي مقصد جي بچاءَ يا اڳتي وڌائڻ ۾ سٹا وڪيل سندن ڪم نہ اچي سگهيا. اُهي فقط گهٽن خدائن کي مجڙ جي فضول ڳالهين کي هلڪڙائي واري طنز ۽ زباني بلاغت ذريعي پيا نندينداَ آهن. اُهي پنهنجن زخمي پائرن جي تڪليفن ۽ عذابن ۾ مبتلا هئڻ تي اسان جي رحمدليءَ جي اظهار تي بہ ڪِل خوشيءَ واري دلچسپي وٺن ٿا. پر جڏهن عيسائيت جي خدائي اصليت بابت ڳالهائن ٿا تہ اُهي اُنهن پيشنگوين تي تہ سخت زور ڏين ٿا جن جو اعلان ٿيو هو پر مسيحا جي ظاهر ٿيڻ جي سلسلي ۾ جيڪي معجزا هو پاڻ سان گڏ کڻي آيو تہ انهن جو ايترو ذڪر نٿو ڪيو وڃي. سندن دلچسپ دليل هڪ عيسائيءَ جي اصلاح ڪري سگهي ٿو يا هڪ يهوديءَ جو مذهب بدلائي سگهي ٿو ڇو تہ هيئي يعني پهريون توڙي ٻيو اُنهن پيشنگوين جي صداقت تي ويساهہ ڪن ٿا ۽ هيئي پنهنجن مذهبي احترام جي رشتن جي ٻڌڻ سان ان ڳالهہ جا بہ پابند آهن تہ پنهنجي سمجهہ، فهم ۽ ڪاميابي جي تڪميل جي لڳاتار جستجو ڪندا رهن. پر هن قسر جي سمجهائڻ يا ترغيب ڏيڻ جو عمل پنهنجو اثر ۽ زور وڃائي ٿو ڇڏي ڇاڪاڻ تہ جن ماڻهن لاءِ اُهو عمل ڪيو ٿو وڃي تہ انهن ۾ نہ تہ سمجهڻ جي صلاحيت آهي ۽ نہ وري اُهي حضرت موسيٰ (ع - س) جي قانون جي عزت ڪن ٿا ۽ نہ سندن پيغمبري طريقي کي پروڙي سگهن ٿا.[192] جستن جهڙي اناڙي هٿن توڙي سندس پوين بچاءَ ڪندڙن ۾ عبراني غيبي علمن جي ڳُوڙهي معنيٰ ۽ مطلب نہ رڳو ٻاڦ ٿي اُڏري وڃن ٿا پر ڪوڙي وڌائي ۽ اجاين مثالن جي ور چڙهي وڃن ٿا ۽ هڪ غير يهودي جاهل آڏو بہ سندن اختيار ۽ اعتماد ختر ٿي وڃي ٿو ڇو تہ ان جي نيڪيءَ جي لباس ۾ دوکو ۽ فريب شامل ٿي وڃي ٿو. جيڪا آرفيَس، هومس ۽ سبلس[193] جي نالن هيٺ زوريءَ مٿن مڙهي وئي هئي ۽ جنهن کي جنت جي اصلوڪي رُوح ۽ اثر جهڙي حيثيت ۽ قدر جيترو سمجهيو ويو هو. خدائي الهام جي بچاءَ ۾ دوکي ۽ اجائي دليل بازيءَ کي اختيار ڪرڻ جي رسر اسانکي اُنهن شاعرن جي ناجائز ڪردار جي ياد کي تازو ڪري ٿي جيڪي پنهنجن بهادر جوڌن تي بي مقصد ۽ تنگ ڪندڙ ۽ ڳاڻي - ٽوڙ وزن رکي ٿا ڇڏين ۽ کين ٿاڪُئين زرهہ پارائي ٿا ڇڏين جيڪا جلد ئي ٽٽي پورا پورا ٿي وڃي ٿي.

پر اسان اُنهن بي دينن ۽ فيلسوفن جي ڪاهلي ۽ لاپرواهيءَ جي غفلت کي ڪيئن معاف ڪري سگهنداسين جيڪي اُنهن اٽل شاهدين تي بہ خاموش رهيا جي ربُ العزت طرفان اُنهن جي دليلن کي نہ پر سندن هوش حواس کي ڏنيون ويون هيون؟ حضرت عيسيٰ (ع - س) سندن حوارين ۽ پهرين پوئلڳن جي زماني ۾ جنهن اصول يا نظرئي جي

اُنهن تبليغ ڪئي هئي تہ سندن بيشمار خاص ماڻهن طرفان اهڙن اصولن جي تصديق بہ فورن ڪئي وئي هئي. منڊا گهمڻ لڳا، انڊا ڏسڻ لڳا، بيمار شفايابَ ٿي ويا. مُٺا جيئرا ٿي پيا، شيطان پڄي ۽ تڙجي ويا ۽ فطرت جا مقرر ٿيل قانونَ ڪليسا کي فائدي پهچائڻ لاءِ گهٽو ڪري هٽيل رهيا يا لاڳو نہ ڪيا ويا. پر يونان ۽ روم جا بزرگ ۽ درويش هن نئين پر حيرتناڪ منظر کي ڏسي خوفزده ٿي پاسيرا ٿي ويا ۽ پنهنجي زندگي جي روزاني معمول ۽ مطالعي ۾ مصروف ٿي ويا ۽ اهو تاثر ڏنائون تہ دنيا جي اخلاقي تروڙي ظاهري حڪومت ۾ ڇڻ ڪا تبديلي ڪانہ آئي هئي. ٽائبيريَس جي حڪومت ۾ سڄي زمين [194] يا گهٽ ۾ گهٽ روم جي شهنشاهت جو پورو خطو [195] پورن ٽن ڪلاڪن لاءِ غير فطري طور انڌاري ۾ رهيو هو. اهڙي معجزاتي حقيقت، جيڪا هونئن ماڻهن کي حيرت ۽ تجسُس ۾ وجهي ڇڏي ها ۽ ان ۾ ماڻهن جي عقيدن جو مسئلو پڻ پيدا ٿئي ها، بغير ڪنهن تهلڪي يا شور جي هڪ سائنسي ۽ تاريخي دوُر ۾ چپ چاپ گذري وئي. [196] اهو واقعو سينيڪا ۽ وڏي پلني جو دوُر ۾ ٽيو جن ان جي فوري اثرن جو تجزيو ضرور ڪيو هوندو يا وري ان فوق الفطرت واقعي جي شروعاتي معلومات ضرور حاصل ڪئي هوندي. وڏي محنت ۽ اَورچائي جو مظاهرو ڪندي انهن ٻنهي فيلسوفن فطرت جي مختلف، وڏن ۽ اهر ڏيکن کي پاڻ وٽ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي جيئن زلزلا، چمڪندڙ تارا، پڇڙ تارا، سج ۽ چند گرهڻ وغيره مطلب تہ جيڪا ڳالهہ بہ سندن نہ ٿڪندڙ تجسُس سوچي ۽ سمجهي سگهي، اُها هر معلومات اُنهن محفوظ ڪري ڇڏي آهي. [197] پر ٻنهي - پهرئين تروڙي ٻئي، دنيا جي وڏي ۾ وڏي ڏيڪ يا لقاءَ جو تذڪرو نہ ڪيو آهي جنهن جو هنن فاني اکين، ڏرتيءَ جي وجود ۾ اچڻ ڪان وٺي، لڳاتار منظر پئي ڏنو آهي. پلني [198] جو هڪ نمايان باب وڏن ۽ تمام اهر گرهڻن جي باري ۾ لکيل آهي جيڪي تمام وڏي ۽ ڊگهي وقت لاءِ ٿيا هيا: پر هو پاڻ کي رڳو هڪڙي روشني جي نقص واري واقعي تي مطمئن ڪري ٿو ڇڏي جيڪو سيزر جي قتل ڪانپوءِ پيش آيو هو، جڏهن، سال جي وڏي ۾ وڏي حصي ۾، سج جو گولو زرد ٿي ويو هو ۽ سندس اڳين ۽ دستوري رونق، جوت يا جلوو منجهس هرگز نہ رهيو هو. انڌاري ۽ اڻڄاڻائيءَ جي هِن مُنڊَ کي، جنهن جي پيٽ انوکن جڏبن واري فطري انڌاري سان هرگز نٽي ڪري سگهجي، يادگار دوُر جي شاعرن [199] ۽ تاريخدانن [200] اڳواڻ ٿي ملهائي ڇڏيو هو.

باب - پندرهون
حاشين بابت وضاحتون

1. ٽئسيٽس (تاريخ - v-8) هيروڊوٽس، جنهن ايشيا جو سفر ڪيو هو ۽ جڏهن هن آخري شهنشاهت کي تسليم ڪيو هو، فلسطين ۾ رهندڙ شامي ماڻهن جو ذڪر ڪري ٿو جنهن پاڻ اها ڳالهه مڃي هئي ته طوفان جي رسم مصر ذريعي وٺن آئي هئي. ڏسو (ii, 104) .

2. ڊايوڊورس سڪيولس، (xI) ڊائن ڪئسيس (xxxvii, 121) ٽئسيٽس (تاريخ v, 1-9) جسٽن (xxxvi, 2,3) .

3. (حضرت موسيٰ (ع - س) هي حڪم مخفي طرح سان ڏنا جيڪي فقط سندس پنهنجي مذهب سان لاڳاپيل ماڻهن جي سِکيا لاءِ هئا ۽ فقط طوفان جي ڪوهه جي چشمي تائين پهچائڻ لاءِ ڏنا ويا هيا.) هن قانونَ يا سکيا جو خط حضرت موسيٰ (ع - س) جي موجوده جُلد ۾ نٿو ملي. پر ڏاهو ۽ انسان دوست مئمونائيڊس (يهودي فيلسوف - 1135-1204) ڪليو ڪلايو درس ٿو ڏئي ته جيڪڏهن ڪو بُتن جو پُوجاري پاٽيءَ ۾ ڪري پوي ته يهوديءَ لاءِ اهو ضروري ناهي ته ڪيس موت کان بچائي چڏي. (ڏسو بسنيج جي، يهودين جي تاريخ ۾)

* (شام جو بادشاهه - 164 - 175 ق - م).

+ (هيراڊ اعظم - جُوڊيا جو بادشاهه - 4 - 40 ق - م).

4. هڪ يهودي قبيلو جيڪو هيراڊ کان متاثر ٿي سماج سان هڪ جهڙو ٿي رهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ته مٿس نالو به هيراڊيَن پئجي ويو. پر هڪ ته اُنهن جو تعداد تمام گهٽ هيو ٻيو اُنهن جو مُدو ايترو ته مختصر هيو جو جوزَفس اُنهن کي ڪنهن به ڳڻپ ۾ نٿو آڻي. (ڏسو پرائيڊيڪس سلسلو (ii, 285) .

5. سِسيرو، پروفلئڪو (باب - 28)

6. آگسٽس هڪ دائمي قرباني جو بنياد رکيو. ان جي باوجود هن پنهنجي پوٽي ڪئيٽس جي غفلت کي نه رڳو درگذر ڪيو پر ان جي منظوري به ڏئي چڏي جيڪا سندس پوٽي جيروسلم جي مندر جي سلسلي ۾ ڪئي هئي. ڏسو سوٽونيَس (آگسٽس ۾ - باب - 93) ۽ ان بابت ڪسوبان جي راءِ.

7. ڏسو خاص طرح جوزف کي قديمي مضمونن ۾ (xvii,6,xvii,3) ڊي بيل جُڊيئڪو (i,33) ۽ (ii,0) جنهن کي هيوَر ڪئمپ ايڊٽ ڪيو آهي.

8. ٽئسيٽس (تاريخ - v-9) "جڏهن ڪئليگولا شهنشاهه پنهنجي مجسمي کي مندر ۾ رکڻ جو حڪم ڏنو ته اُنهن سندس حڪم نه مڃيو ۽ هن جي خلاف هٿيار اُپا کڻي ڪياٿون: فِلو ۽ جوزفس هن واقعي بابت هڪ حقيقت پسنديءَ جو پر جذباتي احوال پيش ڪن ٿا جنهن شام جي گورنر کي بيحد منجهائي چڏيو هو. بُت پرستيءَ جي هن پهرئين بيان سان ئي انگريپا بادشاهه بيهوش ٿي ويو ۽ تن ڏينهَن تائين هوش ۾ نه آيو .

9. شام ۽ عرب جي ديوتائن جي ڳڻپ لاءِ، هڪ مشاهدي موجب، ملڻ جهڙي شاعر ان موضوع تي هڪ سؤ ٽيهه خوبصورت ٻڌون لکيون آهن ۽ ٻه وڏا ۽ علر سان پرپور اصولن جا مجموعا پڻ ان ڳوڙهي موضوع تي سيلڊن ترتيب ڏنا آهن. (جان سيلڊن - 1654 - 1584)

10. هي ماڻهو مونکي کيتري وقت تائين پريشان کندا رهندا؟ ۽ کين ايجا کيترو وقت لڳندو جو مون تي اعتبار کن ٿو ته مون سڀ نشانيون کين ڏيکاري ڇڏيون آهن؟ (تعداد - (xiv, 11) اهو آسان ٽيندو پر مناسب نه لڳندو ته حضرت موسيٰ (ع - س) جي هيڏي ساري تاريخ ۾ وڏي ديوتا جي شڪايت جو ازالو کيئن ڪجي.

11. جيڪو ڪجهه يهودين جي نئين مذهب اختيار ڪرڻ بابت آهي، تنهن کي بسنيج نهايت ئي خوبصورتيءَ سان بيان کيو آهي. (يهودين جي تاريخ - vi, 6,7).

12. ايڪسوڊ کي ڏسو (xxxiv, 23) پڻ ڊيوٽ (xvi, 16) تبصرا ۽ پڻ هڪ ڏاڍي مانائتي راءِ. ڏسو (آفاقي تاريخ ۾ i,603) جنهن کي فول ايڊٽ کيو آهي.

13. پامپي فتح جو حق استعمال ڪندي يا ان جو ناجائز فائدو وٺندي جڏهن سيني پاڪ جاين کان ٻه وڏيڪ پاڪ ۽ مقدس جڳهه ۾ گهڙيو ته هن انتهائي اچرج مان اظهار کيو: "مندر جي اندر ته خدائن جا مجسما آهن ئي ڪونه، پر نقط هڪ گنبذ ۽ پاڪ جاءِ آهي." (ٽئسيٽس - تاريخ v,9) يهودين جي باري ۾ هڪ عام چوٽي مشهور هئي ته:

"اُهي نقط ڪَڪرن ۽ بهشت جي پوڄا ڪن ٿا".

14. سماريٽن يا مصرين تي هڪ ٻي قسر جو طوهر لاڳو کيو ويو جن نئون مذهب اختيار کيو هو. تالمودسٽ ته هن عجيب رسر مان ڇڙي ۽ بنهه بيزار ٿي پيا ته نوَن ماڻهن کي پنهنجي مذهب ڏي ڦيرائڻ جو ڪهڙو نه عجيب طريقو هو جنهن کي بسنيج جي ڪتاب (يهودين جي تاريخ - vi, 6) ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

15. هي دليل هڪ يهودي اوريبيو وڏي قابليت مان ڏنا هيا جن جو جواب ٻه اوتري ئي وزنائتي طريقي سان هڪ عيسائي لمبورچ کيس ڏنو هو. ڏسو "دوستاٽي پيٽ" (جيڪا ان وڏي نالي سان مطابقت رکي ٿي) يا وري ان کي ائين کٽي چٽجي ته سندن جهيڙي جو احوال".

16. "حضرت عيسيٰ (ع - س) ..... جو ٻه طوهر ٽيو هو: هن يهودين جي کاڌي ۽ ڪپڙن بابت تبصرو ڪندي ٻڌايو. هن کوڙهه جي مرض مان ماڻهن کي شفا ڏياري هئي، هن ٻاوَن کي مخاطب ٽيندي چيو. هن گذرگاهه ۽ ٻين پاڪ ڏينهَن تي چگيءَ طرح غور کيو. جيڪڏهن هن ماڻهن کي سَبت (Sabbath) جي ڏينهن (يهودين جي آرام جو ستون ڏينهن يعني چنچر) تي شفا ڏني هئي ته اُها نقط حضرت موسيٰ (ع - س) جي قانون يا اصول مطابق نه هئي پر ائين ٻه نه هو ته سَبت جي ڏينهن تي شفا ملڻ کان کا منع ٽيل هئي. ۽ (ڏسو گروٽيَس کي عيسائي مذهب(v,7) ٽورو بعد ۾ (باب - 12) هو پيغمبرن جي عجز ۽ نهٺائيءَ بابت تفصيل سان ٻڌائي ٿو.

17. "اُنهن سڀني حضرت عيسيٰ (ع - س) جي قدرتي صفتن مان پنهنجي ايمان کي پختو کيو، جو ته اهڙا اهجاڻ يهودين جي قانون ۾ موجود آهن." سَلپيشيَس سيورَس (ii,31) ڏسو يوسيبَس کي (کليسا جي تاريخ ۾ iv, 5).

18. ڏسو موشير، ريبَس، ڪرسٽئِس ائنٽي ڪنٽئنٽَر مٽگنر (ص - 153) هن زبردست ڪر ۾، جنهن کي آءُ جڏهن به موقعو مليو تہ ان جو حوالو ڏيندو رهندس، هُو باقاعدي رعب تاب سان اوائلي چرچ جي احاطي ۾ داخل ٿئي ٿو. بجاءِ ان جي هو عمومي تاريخ تي پنهنجو توجهہ ڏئي ها.

19. يوسيبيَس (iii,5) لي ڪلرڪ (ڪليسا جي تاريخ - ص - 605) هن موقعي واري غير حاضريءَ ۾ پادري ۽ پيلا جي چرچ کي ايا به جيروسلم جو لقب مليل هيو. ساڳي وقت روم جا پادري به ستر سالن تائين آئوگسٽن ۾ رهيا هيا ۽ اليگزئندريا جا چگا مڙس به پادريءَ جي مرتبي واري ڪرسي قاهره ڏي ڪٽي ويا آهن .

20. ڊائن ڪئسيَس (Ixix) جيروسلم مان يهودين جي ملڪ نيڪاليءَ کي پيلا جي آرسٽو تفصيل سان بيان ڪيو آهي. (يوسيبيَس - iv, 6) ۽ ان کي ٻين ڪليسائي ليکڪن به بيان ڪيو آهي، توڙي جو اُنهن منجهان ڪجهہ ليکڪن تڙتڪڙ ۾ هن روڪ يا منع کي فلسطين جي سڄي ملڪ سان لاڳو ڪري ڇڏيو آهي .

21. يوسيبيَس (iv,6) سلپيشيَس سيورَس (ii,31) سندن غير اطمينان بخش ڪارڪردگيءَ جي پيٽ ڪندي، موشير، انقلاب جي حالتن ۽ ڪارڻ جي باري ۾ تمام واضح صورتحال بيان ڪئي آهي.

22. لي ڪلرڪ (ڪليسا جي تاريخ ۾ - ص - 535 - 477) لڳي ٿو تہ هن يوسيبيَس، جيروم، ايپينئنيَس ۽ ٻين ليکڪن کان اُهي سڀ تفصيل پاڻ وٽ جمع ڪيا آهن جن جو تعلق نزارينس يا ايبيونائيٽس قبيلن سان آهي. سندن راءِ جي طريقي تي اُهي ٻن فرقن ۾ ورهائجي ويا. هڪڙو فرقو سخت مزاج ۽ ٻيو نرميءَ تي مائل هو ۽ هن اندازي جي اعتبار ڪرڻ لاءِ ڪجهہ دليل به آهن تہ حضرت عيسيٰ (ع - س) جو ڪٽنب پوئين فرقي جو ميمبر رهيو يعني جيڪي نرم مزاج وارا هيا.

23. ڪجهہ ليکڪن، لڳي ٿو تہ ايبيَن کي تخليق ڪيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح مصنف به خيالي تہ فرقو به ساڳئي نالي سان فرضي لڳي ٿو. پر اسان جذباتي ترٽوليَن يا سادڙي ايپينئنيَس تي پاڙڻ جي بجاءِ هڪ عالم ۽ ڄاڻو شخص يوسيبيَس تي ويساهہ ڪا ڪريون. لي ڪلرڪ مطابق عبراني لفظ ايبجونم جو لاطيني ترجمو "غريب" ٿيندو. (ڏسو چرچ جي تاريخ - ص - 477).

24. جسٽن مارٽر جي دلچسپ فقري کي ڏسو ۽ يهودي ٽرائفن سان ملائي پڙهو. ائنٽونينَس پيَس جي حڪومت ۾ هنهي جي وچ ۾ ايفيسَس ۾ گفتگو ٿي هئي ۽ اها گفتگو پيلا جي چرچ جي جيروسلم ڪي واپسيءَ کان ويهہ سال پوءِ ٿي هئي. هن تاريخ لاءِ ٽليمانٽ جي تحرير جو مطالعو ڪجي، "چرچ جون يادگيريون". (ii,511)

25. عيسائيت جي سڀني سرشتن مان فقط حبش وارن جو طريقو اهڙو آهي جيڪو حضرت موسيٰ (ع - س) جي قوم جي ريتن رسمن سان ڏهڪي اچي ٿو. راڻي ڪئنڊيس جو ڪڙو شايد ڪجهہ شڪ ۾ مبتلا ڪري ٿو پر جيئن تہ اسان کي يقين ڏيارين ويو آهي (سقراط (i,19) سوزومين (ii,24) ليوڊولفَس (ص - 281) تہ حبش جا ماڻهو چوٿين صدي عيسوي تائين ايجا عيسائيت طرف نہ ويا هئا، تہ هن مان ثبوت ان ڳالهہ جو وڌيڪ ٿو ملي تہ اُهي سَبت جو احترام ڪندا هئا، ۽ يهودين جا طور طريقا اختيار ڪندي حرام ۽ حلال گوشت کائڻ ۾ فرق ڪندا هئا ۽ اُهي يهودي اوائلي

وقت ۾ ڳاڙهي سمنڊ جي ٻنهي پاسن کان رهندا هئا. ۽ سمي حبش جا ماڻهو صحت ۽ صفائي رکڻ خاطر طوهر ۾ کرائيندا هئا جنهن جو تذکرو ڪتاب "آمريڪي فلسفي جي تحقيق" (ii, 117 - ص 252) ۾ آيل آهي.

26. بيوسوبر (i,3) پنهنجا ۽ خاص طرح تي فاسٽس جا اعتراض ڏسيا آهن جيڪو آگسٽائن جو مخالف هو ۽ اُهي نهايت ئي بي ريائيءَ سان بيان ڪيا ويا آهن.

27. "اُهي خطرناڪ حد تائين فقط پنهنجن ماڻهن سان سچا آهن ۽ اُنهن جي مدد ڪرڻ ۾ تيز ۽ تڪڙا آهن، پر ٻين سڀني سان سندن روّيو مخالفت ۽ دشمنيءَ وارو رهي ٿو." ٽئسيٽس يهودين جو مشاهدو ڪجهه نرم روّيي سان ڪيو هو. جوزفس جي مطالعي، مخالفت واري نظرئي کي يقيني طور تي ختر ڪري ڇڏيو هوندو.

28. ڊاڪٽر برنيٽ (ii,7) (آڳاٽن آثارن جي ماهر) انجيل مقدس جي پهرين بابن کي خوش مزاجي ۽ آزاداييءَ سان بيان ڪيو آهي ۽ اُنهن تي روشني وڌي آهي.

29. جيڪي نرم مزاج وارا دليل باز هئا تہ اُنهن جيهووا (Jehovah) (عبراني زبان ۾ الله جو نالو) کي خالق تصور ڪيو - هڪ اهڙي ابدي هستي جيڪا رب ۽ ديوتا جي وچ تي ڪڙي آهي. ٻين وري ان کي بدروح سان وڄي ٽي ملايو يعني ڪو جن، پوت وغيره. هن سلسلي ۾ وڌيڪ ڏسو ٻي صديءَ ۾ ڇپيل موشير جي تاريخ جنهن ۾ هن موضوع تي مختصر پر واضح طرح سان روشني وڌي وئي آهي.

30. ڏسو بيوسوبر کي (i,4) جنهن ۾ اوريجن ۽ سينٽ آگسٽائن منجهان ڪجهه اهڙ مثال ڏنل آهن.

31. هيگسيپس، يوسيبيس (iv, 22 , iii, 32) کليمينس اليگزئنڊرين، اسٽرومئٽ. vii

32. ٻي ۽ ٽين صدي عيسوي جي دليل بازن جي بيان ڪرڻ ۾ موشير زياده صاف ۽ واضح آهي، لي ڪلرڪ ٽورو ملنارو آهي پر ان جو ڏنل تفصيل ۾ صحيح آهي، باقي بيوسوبر رڳو پنهنجي بچاءَ جي ڪوشش پيو ڪري: انڪري ان ڳالهه جو خدشو وڌيڪ آهي تہ جيڪي قديمي بزرگ آهن، اُهي گهٽو ڪري رڳو ٻين تي الزام مڙهيندا رهيا آهن.

33. آئرينيس ۽ ايپيفنيس بابت تفصيل ڏسو. ان مان خبرپوندي تہ اُهي ليڪڪ، اُنهن فرقن جي تعداد کي وڌائڻ جا خواهشمند هيا جن ڪليسا جي ايڪي ۽ اتحاد جي مخالفت ٿي ڪئي.

34. يوسيبيس (iv, 15) سوزومين (ii,32) بيل تورّي مارشين جي مضمون ۾ ان موضوع بابت ٿيل جهڳڙي جو تفصيل ڏسو. ان مان معلوم ٿيندو تہ ڪجهه دليل باز (بئسيليڊيٽس) شهادت جي درجي ماڻڻ کان نہ رڳو لَنوايو پر صاف انڪار ڪري ڇڏيو. اُنهن جا دليل انوکا ۽ سمجهڻ ۾ ڏاڍا ڏکيا هيا. ڏسو موشير (ص - 359).

35. اوريجن جو هڪ ڪمال جو تڪرو ڏسو (ليوڪر جو تعارف) اُهو آڻڻ ليڪڪ جنهن پنهنجي سڄي ڄمار مختلف تحريرون پڙهڻ ۾ گذاري ڇڏي، سو ڪليسا جي فرضي اختيارن تي پاڙي تہ اهڙ ناممڪن ٿو لڳي. دليل بازن کي موجوده انجيل مليو هوندو جنهن جا ڪيترائي حصا (خاص طرح حضرت عيسيٰ (ع - س) جي ٻيهر دنيا ۾ اچڻ جي سلسلي ۾) جيڪي سڏو سنڌون يا وري ڇاڻي ٻُجهي ڪري سندن پسنديده اصولن ۽ نظرين جي مخالفت جو اشارو ڪن تا. اهو بهرحال عجيب ٿو لڳي تہ اِگنٽيس هڪ فضول ڳالهه يا نظريي جو چونڊ ڪري بچاءِ انجي جو انجيل مقدس جي مشهور مبلغن جي مستند شاهدي پيش ڪئي وڃي ها.

36. " مارشينائيٽس پنهنجون ڳرجائون ائين ناهيندا آهن جيئن ڪُهٽا (ماکيءَ جون مکيون) پنهنجا مانارا ناهيندا آهن." اهي ترٽيولين جا سخت لفظ آهن جيڪي آءٌ مجبور ٿي پنهنجي يادگيريءَ مان هتي بيان ڪيا آهن. ايپيفنيٽس جي وقت ۾ (ڪجهه چؤپول - ص - 302) مارشينائيٽس، اٽلي، شام، مصر، عربستان ۽ فارس ۾ تمام گهٽي تعداد ۾ موجود هيا.

37. آگسٽائن، "دليل کان عقيدي" اختيار ڪرڻ تائين جي سفر جو هڪ سٺو ۽ يادگار مثال آهي. ڪيترن ئي سالن تائين هو منيشين مذهبي عقيدي سان تعلق رکندڙ هو.

38. اوائلي ڪليسا متعلق هڪ گڏيل راءِ ڪي جسٽن مارٽر چگهيءَ طرح سمجهايو آهي. حوالا آهن: معافي نامو، ميجر اينٽگوراس، ليگات - (باب - 22 وغيره) ۽ ٽئڪٽٽنيٽس. (خدائي اداره - ii, 14-19)

+ (شفا ڏيارينڊڙ ديوتا)

39. ترٽوليين (معافي نامو - باب - 23) الزام ٿو لڳائي ته بدروحن (جنن، پوتن) پاڻ اها ڳالهه مڃي هئي ته عيسائي پوپن يا جن ڪيندڙن کين بيحد پريشان ڪيو هو.

+ (فلسفي جا اسڪول)

40. ترٽوليين، بت پرستيءَ جي خلاف هڪ سخت مضمون لکيو آهي جنهن ۾ هن پنهنجي عزيزن ۽ پائرن کي ان خطا ڪرڻ جي خطرن کان خبردار ڪيو آهي. "خبردار ٿجو ڇو ته جهنگل ۾ هر طرف بيشمار ڪَنڊا وڇايل آهن." (ڪورونا مِلٽِس - باب - 10).

41. روم جي سينيٽ جو اجلاس سڏائين يا ته ڪنهن مندر يا وري ڪنهن پي پاڪ جاءِ تي ٿيندو هو. (اؤلوس گيليَس (xiv,7) اجلاس ڪانپوءِ ڪنهن ڪر ڪار يا ڏَنڊي تي رواني ٿيڻ کان اڳ هر سينيٽر قربان گاهه تي شراب يا وري لوبان هارينڊو هو. (سوٽونيَس، آگسٽَس ۾ - باب - 35).

42. ڏسو ترٽوليين کي. هي سخت قسم جو رهبر، يوربپائيڊس جي ڏکوئيندڙ واقعي تي ڏيان ڏيڻ بدران ترار بازن جي مقابلي کي وڌيڪ اهميت ڏئي ٿو. ان ۾ شريڪ ٿيندڙن جو لباس البت ڪيس تڪليف ٿو پهچائي. ڏکهي بوٽ پائڻ سبب اُهي بيهودي طريقي سان پنهنجي قد ۾ ڪجهه واڌارو ڪرڻ ڪُهرن ٿا. (باب - 23).

43. هر اعليٰ درجي جي ڪر ڪار يا تقريب جي خاتمي تي قديم دؤر جو رواج اهو هوندو هو ته هو نذراني طور شراب اوتڻ جي رسم ادا ڪندا هئا. سقراط ۽ سينيڪا پڻ پنهنجي آخري وقت ۾ هن رسم کي پرپور طريقي سان ادا ڪيو. "هڪ گرم غسلخاني ۾ داخل ٿيڻ شرط. هن پنهنجن وفادار نوڪرن مٿان پاڻي اوتيندي چيو ته هو نجات ڏيندڙ جوپيٽر جي حضور ۾ شراب اوتڻ جو نذرانو پيش ڪري رهيو هو." ٽئسيٽَس (تاريخوار واقعا - xv, 64).

44. ڏسو ڪيوٽُولَس جي زبردست پر بُت پرستيءَ واري تعريف جيڪا هنَ مٽليَس ۽ جُوليا جي شاديءَ جي موقعي تي ڪئي هئي. "اي شاديءَ جا خدا! خوش رهه ۽ مزا پيو ماڻ! آهي ڪنهن بي کي طاقت جنهن جي پيٽ هِن خدا سان ڪري سگهجي".

45. ورجل، قديم ڪفن دفن جي رسمن کي (۽ خاص طرح مسينَس ۽ پالَس جي سلسلي ۾) پنهنجي تبصري نگار سرويَس جي مقابلي ۾، هروپرو گهٽ تفصيلن سان نه پر چگهيءَ طرح بيان ڪيو آهي. ڪائين جو ڊير خود هڪ

قربانگاھ هو ۽ جيڪي شُعلا پڙکي رهيا هيا تہ اُهي مظلومن جي رت جا هيا ۽ سڀني کي ڪنڊڻ مٽان شعلن جھڙو تيز پاڻي هاريو ويو.

46. ٽرٽولين (بت پرستيءَ تي - باب - II)

47. ڏسو مانٽ فاڪن جون قديمي تحريرون. انهن مطابق يونانين ۽ رومين جي سِکن جي اُبتي پاسي کان بت پرستيءَ جا نقش چٽيل هوندا هيا. معلوم ائين ٿو ٿئي تہ عيسائين جي طور طريقن کي ڪنهن سخت جذبي ذريعي عارضي طور تي ختم ڪيو ويو هو.

48. ٽرٽولين کي ڏسو بُت پرستيءَ تي. (باب 22,21,20) جيڪڏهن کو بي دين يا منکر ماڻهو (نڱ يا ڇڪ اڇڻ وقت) عام رائج جملو چوَندو هو تہ: "توتي جوپيٽر جي رحمت هجي." تہ عيسائي ان تي ڪاوڙجي پوَندا هيا ۽ جوپيٽر جي ديوتا هڻڻ تي بہ احتجاج ڪندا هيا.

49. اووِد جي اُها تحرير ڏسو جنهن تي هن سخت محنت ڪئي هئي ۽ فاسٽي لکڻ تي پڻ جيڪو محنت جي باوجود بہ اڻپورو رهيو. انهن ٻنهي ڪمن تي ڪيس سال جا پهريان ڇھ مهينا لڳي ويا هيا. مٿيروبيَس جي ترتيب کي سڌريلليا جو نالو ڏنو ويو آهي پر اُهو پهرئين ڪتاب جو ٽورڙو ئي حصو آهي جنهن جو عنوان سان ٽورو گهٽو تعلق آهي.

* (اپولو)

50. ٽرٽولين، سپاهيءَ جي اُبهري قدم تي مدح سرائي لکي حقيقت تي پنهنجو دفاع ڪيو آهي. جنهن پنهنجي تعريف جي تاجَ کي پري اُڇلائيندي پاڻ کي توڙي پنهنجن پائرن ۽ عزيزن کي سخت خطري جي مُنهَن تي وجهي ڇڏيو هو. سيورَس ۽ ڪئراڪالا شهنشاهن جي ذڪر ڪرڻ سان، ايئر - ڊي تليمانٽ جي خواهش جي باوجود، اهو صاف ظاهر آهي تہ ٽرٽولين پنهنجو مضمون، "ڊي ڪورونا" مانٽئنسٽس جي غلطين ٽيڙ کان اڳ ئي مڪمل ڪري ڇڏيو هوندو. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڪليسا جي تاريخ، ڪي ڏسو. (iii, 384).

51. خاص طور تي "تسڪيولن سوالن جو پهريون ڪتاب - مضمون ڊي سينيڪٽيوٽ ۽ سومنيَر اسڪيپيونِس تي هر اُها شئي جيڪا گريشين فلسفي، يا روم جي سڀي ڏوق، هن اونداهي پر اهر موضوع تي تجويز ڪئي هجي، شامل آهي." ان کي بيحد خوبصورت هوليءَ تي لکيو ويو آهي.

52. انسانن جي روحن جو اڳواڻ ئي وجود تي اڇڻ - جيستائين اهو اصول مذهب سان موافقت تي آهي تہ ان کي يونانين توڙي لاطيني ڏاهَن اختيار ڪيو هو. ڏسو بيوسوبر تاريخ - ڊُومٽينچسر. (vi,4)

53. ڏسو سِسيرو (پروکلوئينٽ - باب - 61) سيزر (سئلسٽ) ڊي بيل ڪئٽلن (باب - 50) ناپختہ طنزون. (ii,149) "فقط نندڙا ٻار ئي مُئلن جي روحن تي يقين رکن ٿا يا وري عالم - ارواح تي اعتبار ڪن ٿا"

54. اوڊِسي جو يارهون ڪتاب، دوزخ جي رُخن بابت بيحد ڏکوئيندڙ ۽ بي ترتيب احوال ٿو ٻڌائي. پِنڊار ۽ ورجل وري ان تصوير کي ڪجهہ رنگين بنايو آهي، پر خود اُهي شاعَر جيڪي پنهنجن استادن کان بہ ظاهري طرح وڌيڪ صحيح آهن، خود ڪيترن تضادن جو شڪار آهن. ڏسو بيل کي. (iii,22).

55. ڏسو، هورئس جي پهرئين ڪتاب جي سورهين تحرير، تيرهين ناپخته طنز ۽ پرسيئس جي پهي طنزيه تحرير: هي مشهور ڳالهيون عوامي ميڙ جي جذبن ۽ هوليءَ جي نمائندگي ڪن ٿيون.

56. جيڪڏهن اسان فقط گالن تائين پاڻ کي محدود ڪريون ته اسان مشاهدو ڪنداسين ته هنن نه رڳو پنهنجيون زندگيون نذر ڪري ڇڏيون هيون پر جيڪو ڪجهه به سندن هَڏ ۾ هيو، اُهو سيڪجهه هنن پهي دنيا جي حفاظت لاءِ ڏئي ڇڏيو هو. "اها گالن جي نه وساريڻ جهڙي رسم آهي ته هوَ هن دنيا ۾ ماڻهن کي پٺسا ڏين ٿا ۽ ڪائنڪ واعدو وڻن ٿا ته هو ايندڙ دنيا ۾ کين موتائي ڏيندا." ساڳي رسم جي رائج هئڻ جو ميلا به ڪجهه اڃ ڇڻو اشارو ڏنو آهي (iii,2). اهو ٻڌائڻ ضروري نٿو لڳي ته واپاريءَ جا فائدا، واپاريءَ جي جائز حصي سان تعلق رکن ٿا ۽ ڊروئڊ سندن مقدس پيشي منجهان هڪ ذميندار شخص کي ظاهر ٿو ڪري جيڪو بين ماڻهن ۾ اهڙو نمونو نٿو نظر اچي.

57. "حضرت موسيٰ (ع - س) هڪ خدائي عيوضي" جي معزز مصنف (واربرٽن (1698 - 1779) گلاڈسيسٽر جو پادري) هن موضوع کي نه بيان ڪرڻ جو عجيب و غريب دليل ٿو ڏئي ۽ لامذهبن تي غصي جو اظهار ڪري ٿو.

58. ڏسو لي ڪلرڪ (ڪليسا جي تاريخ - 18) سندس سنڊ کي وڏي اهميت حاصل آهي ڇو ته هن پراڻي عهدنامي جي ڪتابن تي هڪ بيمثال ۽ اثرائتو تبصرو لکيو آهي.

59. جوزف (قديمي تحريرون (xiii,10) ڊي بيل جبئڪو (ii,8) سندن لفظن جي فطري مطلب کان سدوسين فقط پينٽائيڪ کي مڃيو آهي پر جديد نقادن کي اها ڳالهه وڌيڪ پسند آئي ته هو ان ۾ پنهنجي طريقي جا پيغمبر به ڳنڊي ڇڏين ۽ اهو سمجهندي اُهي فرض ڪن ٿا ته هنن فارسين جي رسمن ۽ رواجن کي رد ڪري ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر جورٽن ان نقطي تي پنهنجي تبصري ۾ ڪافي بحث ڪيو آهي. (ڪليسا جي تاريخ (ii,103)

60. هيءَ اُميد اسانکي تڏهن نظر آئي جڏهن سينٽ مٽيو جي ڪتاب جو چوويهون باب ڏنو ويو ۽ سينٽ پال جي ٽيسلونيئس ڏانهن اها پهرين تحرير هئي. اراسمس هن ڏکيائيءَ کي تمثيلي ۽ تشبيهي طريقن سان حل ٿو ڪري ۽ گروٽيس جهڙو عالم اشارو ٿو ڏئي ته سڀن ۽ عقلمنديءَ جهڙن مقصدن لاءِ نيڪيءَ واري دوکي ڪرڻ جي اجازت مليل هئي.

61. ڏسو برنيٽ جو مقدس اصول يا نظريو (iii,5) هن اصول کي اوترو ئي مٿاهون سمجهجي جيترو برناباس جي تحرير جي مصنف جي ڪر کي سمجهيو ويو هو جنهن پهرين صديءَ ۾ اها تحرير لکي هئي ۽ مصنف کي اڌ يهودي ڪوٺيو ويندو هو.

62. اٺٽڪ جي اوائلي ڪليسا جي حساب موجب دنيا جي وجود ۾ اچڻ ڪانوئي حضرت عيسيٰ (ع - س) جي ڄمڻ تائين 6000 سالن جو عرصو گذريو هو. آفريڪنَس، لئڪٽنٽيَس ۽ يوناني ڪليسا ڳڻجي اهو عرصو ڪجهه گهٽائي 5،500 سالن تائين آندو ۽ يوسيبيَس وري ايا وڌيڪ گهٽائي انکي 5،200 سالن تائين آندو. هي جوڙ - ڪَٽ جو حساب يونان جي پراڻي عهدنامي جي مطابقت سان رکيو ويو جنهن جي حساب کي پهرئين ڇهن صدين تائين مستند سمجهيو ويو. وَلگيٽ جي سنڊ توڙي عبراني متن موجب، جديدين توڙي پروٽيسٽنٽ ۽ ڪٿولڪ عيسائين ان عرصي کي 4،000 سالن تائين مڃيو آهي، توڙي جو قديمي دؤر جي بي ادبي کي ڏسندي اُنهن اهڙين تنگ حدن کي تسليم ڪري ورتو آهي.

63. ڪيترين ئي تصويرون عيسائيا ڊئنيل ۽ اٿوڪٽلپس جي غلط ڪرتبن مان حاصل ڪيون ويون. انهن منجهان هڪ مڪمل مورتي آئرينيَس کان ملي هئي (V,455) جيڪو پاپياز جو پوٽلڳ هو. جنهن حواري سينٽ جان کي ڏٺو هو.

64. ڏسو جسٽن ۽ ٽرائفن جي ٻيو نمبر مڪالمو ۽ لئڪٽنٽيس جو ستون ڪتاب پڙ مطالعو ڪيو. وڏن ۽ بزرگن سان مشورو ڪرڻ اجايو ٿو لڳي ڇاڪاڻ ته حقيقت پڌري پٽ پئي آهي جنهن ۾ ڪو به اختلاف ناهي. پوءِ به جيڪو ذهين ۽ تجسس رکندڙ هجي ۽ مطالعي جو به شوق رکي ته پلي ڊئلي ڊي اُسو پٽرم (iii,4) جو مطالعو ڪري .

65. هزاري (Millennium) جي اصول جي سلسلي ۾ جسٽن ٽوڙي سندس مذهب جي ٻين ڪٽر قسر جي پائرن جي شاهدي تمام صاف صاف لفظن ۽ مانائتي طريقي سان پيش ڪئي وئي. جيڪڏهن ان جي پهرئين حصي ۾ ڪٽي ڪو مونجهارو آهي، ته اسان ان جو الزام، جيئن اسانکي مناسب پڙ لڳي ٿو، يا ته مصنف تي هٽنداسين يا وري نقل ڪرڻ وارن تي مڙهينداسين.

66. ڊيوپن (ڪليسا جي تاريخ ۾ (i,223, ii, 366) موشيم (ص - 720) پويون عالم بهرحال هن موقعي تي پوريءَ طرح ڪُلي نٽو بيان ڪري.

67. لائوڊيشيا جي ڪائونسل (سن 360 عيسوي ۾) ۾ ائپوڪئلپس کي ايشيا جي ساڳين ڪليسائن جي پاڪ قانونن مان تڙي ٻاهر ڪڍيو ويو هو جن کي اڳ مخاطب ڪيو ويو هو. ۽ اسان کي سلپيٽيس سيورس جي شڪايت منجهان اهو ياد رکڻ گهرجي ته سندس سزا کي ان وقت جي تمام گهٽن عيسائين بحال رکيو هو. ته پوءِ اُهي ڪهڙا سبب آهن جو ائپوڪئلپس جو اڇڪلهه يونانين، رومين ۽ پروٽيسٽنٽ ڪليسائن طرفان هيترو سارو آڏر پاءُ ڪيو ٿو وڃي؟ شايد هيئيان سبب تي سگهن ٿا: (1) يوناني هڪ دوکيباز شخص جي اختيارن ۾ ڊائنوسيس ايروپيگائيٽ، يا جنگ جي ديوتا جو ڪردار ادا ڪيو هو. (2) کين هڪ جائز خطرو پيدا تي پيو ته ممڪن هو ته گرامر جا استاد، مذهبي استادن کان وڌيڪ اهر ۽ مانائتا تي وڃن جيڪي ٽينٽ جي ڪائونسل ۾ پنهنجي معصوميت جي مُهر پنهنجن سڀني مقدس ڪتابن تي هڻڻ وارا هيا جيڪي لاطيني زبان ۾ هيا جنهن ۾ ائپوڪئلپس به خوش قسمتيءَ سان شامل هو. (3) ڪُجهين پيشنگوين کي روم جي تخت خلاف بنائڻ جي فائدي، پروٽيسٽنٽس کي اُتساهيو ته هو پنهنجي اهڙي فائدي واري اتحادي جي عزت ڪن ۽ ساٿس احترام سان پيش اچن. هن سلسلي ۾ وڌيڪ ڏسو بيحد ذهين ۽ شانائتا مڪالما جيڪي لچفيلڊ جي پادري اهڙي غير اهر موضوع تي چيا آهن.

* (عمارت)

68. لئڪٽنٽيس (خدائي ادارو (vii,15) وغيره آئيندي جي فضول قصي کي وڏي جذبي ۽ فصاحت سان بيان ٿو ڪري.

69. هن موضوع تي هر نازڪ مزاج ۽ سنجيدو پڙهندڙ گهٽو محظوظ ٿيندو خاص طرح جڏهن برنيٽ جي پاڪ مسودي جي ٽئين حصي کي پڙهندو. هو فلسفي، کي مقدس ڪتاب ۽ روايتن کي گڏ ڪري پوءِ شاندار طريقي سان پيش ٿو ڪري، سندس بيان ڪرڻ جو انداز تصوراتي زياده آهي جيڪو ملٽن جي طرز کان ڪنهن به طرح گهٽ نه آهي.

70. فردن جي جيڪا به زبان هجي، تنهن هوندي به سڀني عيسائي ڪليسائن جو اهو عوامي اصول آهي ۽ جنهن جي نتيجن کي اسانجا ماڻهو به مڃڻ کان انڪار نٿا ڪن، جيڪي هر صورت ۾ انهن ۽ ارڙهين دستاويزن منجهان ڪڍيا وڃن. (گبن انگلنڊ جي چرچ جي دستاويزن جو حوالو ٿو ڏئي) جيسين عقيدي جا ماڻهو، جن بزرگن جي تحريرن کي

وڏي محنت سان پڑهيو آهي، هن عقيدي کي وڏي جوش جذبي سان پنهنجو ڪن تا ۽ وڏو پڑهيل ليکڪ ايڊورڊ گبن بہ ظاهري طرح نيڪ بادشاهہ کي تيستائين رد نٿو ڪري جيستائين هو انکي بچڑو نٿو ڪري. زوئنگلس شايد پنهنجي پارٽيءَ جو اڪيلو ليڈر آهي جيڪو هن لاءِ پنهنجي دل ۾ نرم جذبا رکي ٿو ۽ هن ڪٽٽولِڪس جي مقابلي ۾ لُوڊرنس سان سُني جُٽ ڪئي هئي. (ڏسو بوسيو جي پروٽيسٽنٽس جي مختلف رُخن جي تاريخ (ii, 19-22) .

71. جسٽن ۽ اليگزئنڊريا جو ڪليمينس اها ڳالهہ مڃين تا تہ لوگوس وارن ڪجهہ فيلسوفن کي هدايتون ڏنيون هيون جنهن ۾ انساني منطق ۽ ربي حڪم جي ٻيٽي اهميت کي واضح ڪرڻ بدران انکي ويتر مُنجهايو ويو هو.

72. ٽرٽوليئن (منظر نامي ۾ - باب - 30) اختيارن جي حدَ کي معلوم ڪرڻ لاءِ جيڪي جوشيلي آفريڪي ماڻهو حاصل ڪيا هيا، تہ فقط سائپرين جي شاهدي ئي هن خلاف ڪافي ٿيندي ڇو تہ هُوئي مغربي ڪليسائن جو ڊاڪٽر بہ هو تہ ساڳي وقت سندن رهبري پڻ ڪندو هو. (ڏسو پروڊنٽ کي حمد و ثنا ۾ 100 ,xiii) جيترو گهٽو هو ٽرٽوليئن جي تحريرن کي هر روز ۽ باقاعدگيءَ سان پڑهندو هو تہ پڑهڻ کانپوءِ اڪثر ڪري ڪيس اهو چوَندي ٻُڌو ويو هو: "مونکي منهنجو مالڪ ڏيو." (ڏسو هيرونمر کي روشنين ۾. 284 ,i).

73. ڊاڪٽر مڊلٽن جي لنوائڊ جي باوجود، اهو ناممڪن آهي تہ وڏي دوراندیشي ۽ اُتساهہ جي واضح نشانين ۽ اثرن کي پاسيرو ڪري ڇڏجي جيڪي حواري بزرگن ۾ ليندیون هيون .

74. آئرينيَس، هيريسِس کي ڏسو تعارف ۾ (ص - 3) ڊاڪٽر مڊلٽن (آزاد جاڄ - ص - 96 وغيرہ) ٻڌائي ٿو تہ جيئن تہ پين سيني جي دعوائن کي مڃڻ ڏاڍو ڏکيو ڪر هو، تنهنڪري اُنهن کي ختر ڪيو ويو. هي مشاهدو سندس منطق مطابق آهي.

75. اٽيناگورَس، جسٽن مارٽر ۽ ٽرٽوليئن (مختلف حوالن ۾) هي بيانَ پيغمبري ناراضگيءَ جهڙا تا لڳن جنهن لاءِ سِسيرو (خدائي مشاهدن ۾ 54 ,ii) پنهنجي طرفان گهٽ احترام جو اظهار ٿو ڪري.

76. ٽرٽوليئن (معافي نامو - باب - 23) لادين مئجسٽريٽن جي مخالفت ۾ اڏول ٿي بيهي ٿو ۽ پنهنجي عقيدي جو زوردار دفاع ٿو ڪري. اوائلي معجزن ۾، جنَ ڪيڏ جي طاقت واحد هڪ اهڙو طريقو آهي جيڪو پروٽيسٽنٽس اختيار ڪري رکيو هو.

77. آئرينيَس هيريسِس (ii,56,57,v,6) مسٽر ڊاڊويل (مضمونَ ۽ مقالا ii,42) نتيجو اهو ٿو ڪڍي تہ ٻي صدي عيسوي، پهرين جي مقابلي ۾، معجزن ڏيکارڻ ۾ وڌيڪ زرخيز هئي.

78. ٽيو فيليَس (ائڊآٽوليڪس i,345) جنهن کي بينيڊڪٽن ايڊٽ ڪيو آهي ۽ 1742ع ۾ اهو ڪتاب پئرس ۾ ڇپيو آهي.

79. ڊاڪٽر مڊلٽن پنهنجو تفصيلي تعارف 1747ع ۾ لکي موڪليو. پنهنجي "آزاد جاڄ" 1749ع ۾ ڇپرايائين ۽ پنهنجي موت کان، جيڪو 1750ع ۾ ٿيو، هن پنهنجن بيشمار مخالفن جي خلاف هڪ اهڙو دستاويز تيار ڪيو هو جنهن ذريعي هو مخالفن جي الزامن کان آجو ٿي ڇڪو هو.

80. آڪسفورڊ يونيورسٽي سندس مخالفن کي ڊگريون ڏنيون. موشيم جي ڪاوڙ (ص - 221) منجهان اسان کي روحاني لوڊرن ماڻهن جي جذبن کان آگاهي ملي ٿي.

81. اها ڳالهه ڏاڍي عجيب ۽ انوکي ٿي لڳي ته ڪليئرواڪس جي برنارڊ جنهن پنهنجي دوست سينٽ مَلاچي جي ڪيترن ئي معجزن کي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي پر پنهنجن کي فراموش ڪيو اٽائين ۽ نه اُنهن کي ڪا اهميت ڏني اٽائين، اها ٻي ڳالهه آهي ته سندس ڪيترن ئي دوستن ۽ پوئلڳن اهو ڪر ڪيو جيڪو هو پاڻ پنهنجي لاءِ نه ڪري سگهيو هو. ڪليسا جي طويل تاريخ ۾ ڇا اهڙو ڪو بزرگ يا درويش ڪٿي ڪنهن کي سُجهي ٿو جيڪو پاڻ پنهنجي لاءِ اها دعويٰ ڪري ته وٽس معجزن جو تحفو موجود هو؟

82. ڪانسٽنٽائن جي مذهبي تبديلي، هڪ اهڙو دؤر آهي جنهن کي پروٽيسٽنٽس مقرر ڪيو آهي. جيڪي روحانيت وارا به آهن ته منطق کي به مڃين ٿا ته اُهي چوڏين صدي جي معجزن ۾ يقين نٿا رکن ۽ جيڪي پورڙا ۽ سادڙا آهن ته اُهي ورهين پنجين صدي جي معجزن کي رد ڪرڻ لاءِ هرگز تيار نه آهن.

83. سيلسَس ۽ جوليَن جون ٿهڪتون، ڪليسائي وڏن جي سلسلي ۾، اسپانيه طرفان تمام مانائتي نمونو سان بيان ڪيون ويون آهن. (ڏسو جولين بابت تبصرو - ص - 468)

84. پلني (تحريرون - X-97)

85. ٽرٽولين (معافي نامو - باب - 44) هو ڪجهه هڪي هڪي هينئن ٿو ٻڌائي: "يا جيڪڏهن ڪو مٿن ٻيو الزام هيو ته پوءِ يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اُهي عيسائي هرگز نه هيا".

86. فيلسوف پيريگرينَس، (جنهن جي زندگي ۽ موت بابت ليوسيَن ڏاڍو دلچسپ احوال اسان جي لاءِ ڇڏيو آهي) ايشيا جي سادڙن ۽ پورڙن عيسائين مٿان ڪيتري عرصي تائين پاڻ کي مسلط ڪري ڇڏيو هو.

87. ڏسو هڪ زبردست طريقي جو باربئريڪ جو مضمون.

88. لئڪٽنٽ (خدائي ادارو. (vi, 20,21,22)

89. اليگزئنڊريا جي ڪليمينس جي تحرير جو مطالعو ڪجي جنهن جو عنوان آهي "تعليم" جنهن ۾ اخلاقيات بابت هدايتون ڏنل آهن، يعني اُهي سبق جيڪي عيسائين جي وڏن اسڪولن ۾ هارن کي پاڙهيا ويندا هيا.

90. ٽرٽولين (منظر نامي ۾، باب - 23) اليگزئنڊريا جو ڪليمينس ۽ تعليم - (iii,8)

91. بيوسوبر (تاريخ - ڪرٽڪ ڊومئنيچزم (vii,3) جسٽن، نياسا جو گريگري، آگسٽائن وغيره. سيئي سندس خيال سان يڪراءِ آهن.

92. ڪجهه دليل باز تنرقي وارا پنهنجي راءِ تي اٽل هيا، اُنهن شاديءَ جي رسم کي رد ڪري ڇڏيو هو.

93. ڏسو روايتن جو هڪ سلسلو جسٽن مارٽر کان وٺي جيروم تائين (26 - 6 ,v)

94. ڪنوارين جي باري ۾ هڪ دلچسپ مقالو ڏسو (نقش و نگار جي تاريخ ۾. 227-161 ,iv) ٽوڙي جو اُنهن ڪنوارين کي سندن ڪنوارپ جي حفاظت ڪرڻ لاءِ بيشمار انعام اڪرام ڏنا ويندا هيا، پر ڪنوارين جي گهٽي تعداد کي ڳولڻ ڪافي مشڪل هو ۽ وري سندن پوائتي موت جي خوف سبب به سندن نفس تي ضابطو رکڻ بيحد ڏکيو ڪر هو.

95. "ڇڻڻ جي خواهش اسان سمجهون ٿا ته يا ته اسين اڪيلا هجون يا وري ٻنهه هجون ٿي ڪين." (مختلف ليڪڪن جي تحريرن جا حوالا ڏنل آهن).

96. يوسيبيَس (vi,8) اوريجن جي شُهرت سبب هن خلاف حسد ۽ ڪيس تڪليفن پهچائڻ جي عمل کان اڳ، هن انوکي عمل کي نندڻ جي بجاءِ انکي ساراهيو ويو هو. جيئن ته سندس اهو عام دستور هو ته مقدس ڪتابن کي تمثيلي سمجهاڻين ذريعي پيش ڪندو هو. ته اها سندس بدقسمتي چئجي جو فقط هن مثال ۾ سندس مطلب جيئن جو تيئن اُهو هو جيڪو هن بيان ڪيو هو. (اوريجن پاڻ کي خسي ڪري جنسي طور بيڪار بنائي ڇڏيو هو)

97. سائپرين (تحريرون - 4) ۽ ڊاڊويل (مقالا) هن جهڙي اُنهري ڪوشش جي لاءِ، فانيٽورالٽ جي بانيءَ تي تُهمت لڳائي وئي هئي. بيل پاڻ کي توڙي پنهنجن پڙهندڙن کي هن نازڪ موضوع تي اڇرج ۾ وندرايو آهي.

98. ڊُوپن (ڪليسا جي تاريخ، i, 195) ڏهن ڪنوارين جي باري ۾ خاص احوال ٻڌائي ٿو جيڪو جيئن تائر جي پادري ميٿوڊيَس بيان ڪيو هو. ڪنوارپ جون تعريفون ڪجهه وڌاءِ واريون ٿيون لڳن.

99. پرهيزگار ماڻهو (هي صدي عيسوي ڏاران) پنهنجو اهو ڇڏ شغل ناهي ڇڏيو هو ته هو پنهنجن جسمن کي بلڪل ڳاري ڪندا ڪري ڇڏيندا هئا ۽ گوشت کائڻ ۽ شراب پيئڻ کان سخت پرهيز ڪندا هئا. (موشير - ص - 310)

100. (ڏسو اخلاقيات جو مطالعو) ساڳيا خاموش اصول هيهر وجود ۾ اچي ويا آهن، خاص طرح سوسينينَس جي مذهبي تحريڪ، جو باني، جديد پروٽيسٽنٽس ۽ ڪئيڪرس جو دفاع ڪندڙ هو. پنهنجن پائرن کي، اوائلي عيسائين جي اختيارين ۽ طاقت ذريعي بچائي ورتو هو. (صفحا (542 - 549)

101. (ٽرٽولين معافي نامي ۾ باب - 21، بت پرستي، بابَ 18-17 اوريجن - ڪنٽراسيلسر - v, 253 viii, 423-28,vii,348)

102. ٽرٽولين (دي ڪورونامليسِٽس - باب - 11) ڪين پڇي وڇڻ جا وجهَ تجويز ٿو ڪري، هڪ اهڙو مشورو، جيڪو عام طرح جيڪڏهن مشهور ٿئي ها ته اهو عيسائي شهنشاهن جي مدد ۽ همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوي ها.

103. اوريجن جي پَڳل تنڀ پيشڪش ماڻ اسان جيڪو اندازو لڳايو آهي ته ان موجب سندس مخالف سيلسَس پنهنجو اعتراض وڏي زور ۽ وضاحت سان پيش ڪيو هو.

104. فرانس توڙي انگلنڊ جي اميراڻي راج وڏي ڇاهه مان پادرين جي مقدس اصليت تي زور ڏنو آهي. پر ڪئلونِسٽ نائب پادري انهن کان به مرتبي ۾ مٿي ٽيڻ جا خواهشمند هيا ۽ روم جي بشپ ته ان ڳالهه کان انڪار ڪري ڇڏيو ته پيو ڪٿي به ڪو اهڙو ڪونه هو جيڪو ساڻس مقابلو ڪري سگهي يا ان جهڙو هجي. (ڏسو فراپائلو)

105. عيسائي مرتبن کي هيٺ مٿي ڪرڻ ۾، مون گهڻو ڪري عالم ۽ فاضل موشير جو رستو ورتو آهي.

106. اوائلي ڪليسا جي پيغمبرن جي سلسلي ۾، ڏسو موشير کي، (مقالا ۽ ڪليسا جي تاريخ - ii, 132-208) .

107. ڏسو سينٽ پال ۽ پڻ ڪليمينس جون ڪورنٿينَس ڏانهن لکيل تحريرون.

.* (يعني وڏو)

108. هوڪر جو ڪليسائي نظام. (ڪتاب - vii).

109. ڏسو جيروم کي (ٽائٽر ۾ - باب - i ۽ تحريرون - 85 بينيڊڪٽائن ايڊيشن 101 ۾، انڪانسواءِ بونديل جي هڪ واضح معافي نامي ۾ پڻ.) اليگزئندريا جي پادري ۽ نائب پادري جي قديمي ملڪ، جيئن ان کي جيروم بيان ڪيو آهي، کي هڪ نمايان تصديق حاصل ٿي جيڪا هڪ بزرگ شخص يوٽيچيَس (تاريخوار واقعا i,330 پوڪوڪ) طرفان

کين ملي، جنهن جي شاهدي، مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي ته آئون کيئن ان کي رد ڪريان ڇو ته هڪ عالم پيٽرسَن پنهنجي تحرير "وٽديسيا اگنٽٽني" ۾ ان تي اعتراض ڪيا آهن .

110. ڏسو ائپوڪٽليس جو تعارف. فرشتن جي نالن ۾ پادري، اڳر ٽي ايشيا جي ستن شهرن ۾ مقرر ڪيا ويا هيا. ان جي باوجود ڪليمينس جي تحرير، (جيڪا تمام قديم زماني جي ٽي لڳي) اُها اسانجي هن سلسلي ۾ ڪابه رهبري نٿي ڪري ۽ اهو به نٿي ٻڌائي ته ڪورنٽ يا روم جهڙن شهرن ۾ به ڪي پادرين جا آثار ڪيس نظر آيا هيا.

111. (پادريءَ کان سواءِ چرچ به نه گهرجي) اها حقيقت به رهي آهي ته ان سان گڏ پهاڪو پڻ جيڪو ٽرٽوليَن ۽ آئرينيَس جي زمانن کان وٺي هلندو ٽي آيو.

112. اسان جڏهن پهرين صدي جي تڪليفن ۽ ڏکيائين منجهان اُڪري وياسين ته اسان مشاهدو ڪيو ته هر طرف پادرين جي حڪومت نه رڳو قائم پر مستحڪم ٽي چڪي هئي، جڏهن پوءِ وري ان ۾ سٹرولنڊ ۽ جرمني جي ڏهين ماٹهن اُنهن اندر مداخلت ڪئي.

113. پهرين ۽ ٻي صدي عيسوي ۾ موشير کي ڏسو. اِگنٽيٽيَس کي وڏو شوق آهي ته هو پادرين جي مانَ کي مٹاهون ڪري. لِي ڪلرڪ (ڪليسا جي تاريخ - ص - 569 ۾) سندس روَيي کي سخت لفظن ۾ نندي ٿو. موشير، وڏي دانشمنديءَ مان پنهنجي هڪ راءِ جو اظهار ڪيو آهي جنهن ۾ هن ننڍين تحريرن جي سچائي ۽ صداقت تي به شڪ جو اظهار ڪيو آهي.

114. "ڇا اسان عام ماٹهو ۽ پادري نه آهيون؟" ٽرٽوليَن (ايگزورٽ ۾ - باب - 7) جيئن ته انساني دل اڃا تائين ساڳي آهي ته ڪيترائي مشاهدا جيڪي مسٽر هنٽ جوش جذبن تي ڪيا آهن (سندس مضمون i,76 جيڪي ڪوارٽو ايڊٽ ڪيا آهن) اُهي سڀن اثرن ۽ اُتساهن تي به لاڳو ڪري سگهجن ٿا.

115. ڪائونسل جا متا ۽ اصول، (ڪارٿيج) ۽ سائپرين جنهن کي فيل ايڊٽ ڪيو (ص - 158). هن ڪائونسل ۾ ستاسي(87) پادري هيا جن جو تعلق ماريٽنيا، نيوميديا، ۽ آفريڪا جي صوبن سان هيو: ڪجهه نائب پادرين ۽ راهبن اسمبليءَ جي ڪاروائي هلائڻ ۾ مدد ڪئي ۽ هڪ مشاهدو سامهون آيو ته: "جيڪي ڪائونسل ۾ ان وقت موجود هيا، اُهي بلڪل عام رواجي ماٹهو هيا".

116. ٽرٽوليَن ٻڌائي ٿو: "هن وقت ڪانپوءِ سڄي يونان ۾، ڪائونسلن جا اجلاس ڪجهه جڳهن تي ڪرايا ويا،" پر آفريڪن ٻڌائي ٿو ته اهو هاٹوڪو ۽ ڏاريو ادارو آهي. عيسائي ڪليسائن جي ايڪي ۽ ٻَڌيءَ بابت موشير اسانکي تفصيل ۽ پنهنجي پوري قابليت مان ٻڌايو آهي. (صفحا 170-169).

117. سائپرين پنهنجي پسنديده مضمون "ڪليسائن جو ايڪو" (صفحا 86-75)

118. اسان سائپرين جي پوري روَيي ۽ لهجي ڏي رجوع ڪريون ٿا، ان سان گڏ سندس اصول ۽ تحريرن کي پڻ ڏسون ٿا. لي ڪلرڪ، سائپرين جي ٽورڙي زندگي ۾ (آفاقي آتر ڪهاڻيون (xii, 207 - 378) ڪيس هڪ ڪليل ڪتاب ڄاڻايو آهي جيڪو بيحد آزاد به آهي ته مڪمل ۽ دُرست پڻ آهي.

119. جيڪڏهن نوواتس، فيليسيسيمس وغيره، جن کي کارٿيج جي پادريءَ پنهنجي کليسا ۽ آفريڪا مان تڙي ڪڍيو هو، ذلت ۽ ڪمينگيءَ جا نفرت ڪرڻ جهڙا حيوان موجود نه هجن ها ته سائپرين جو جوش جذبو سندس سچائيءَ تي فتح حاصل ڪري ونڊي ها. هنن ننڍن فسادن جي تفصيل معلوم ڪرڻ لاءِ ڏسو موشير کي (صفحا - 512-497)

120. موشير (صفحا - 269 ، 574) ڊوين (قديمي کليسا جو نظر ۽ ضبط - صفحا - 20-19)

121. ٽرٽولين، هڪ جڳهه مضمون ۾، تفرقي بازن خلاف ڳالهائي ٿو ۽ کين هدايت ڪرڻ جي حق کي پاڻ وٽ محفوظ ٿو ڪري، جيئن اڳ حوارين جي گرجائن ۾ ڪيو ويو هو.

122. سينٽ پيٽر جي روم ڏانهن مسافريءَ کي سيني قديمي ليکڪن بيان ڪيو آهي، (ڏسو يوسيبيس کي ii,25) جنهن کي سيني ڪٿولڪن برقرار رکيو آهي ۽ کجهه پروٽيسٽنٽن پڻ ان حقيقت کي مڃيو. (ڏسو پيٽرسن ۽ ڊاڊويل روم جي پادرين جون ڪاميابيون ۾) پراسپانير ان سان شديد اختلاف ڪيو آهي (مختلف مضمون iii,3) حواري بزرگ هاردئن مطابق، تيرهين صديءَ جي هاون، جن لاطيني زبان ۾ رزميه شاعري ڪئي هئي، سينٽ پيٽر جي نمائندگي تمثيلي نالي يعني هڪ ٽراجن جي سورمي هيڪ ڪئي هئي.

123. اهو فقط فرانسيسي زبان جو ڪارنامو آهي جو سينٽ پيٽر جي نالي جو مشهور حوالو ان ۾ صحيح طرح ڇاڻايل آهي. اهو ئي ساڳيو حوالو يوناني، لاطيني، اِٿئلين وغيره ۾ تمام اَڏورو ۽ اٽپورو آهي ۽ ٽِيوٽونڪ هولين ۾ ته بنهه پڙهڻ ۾ نٿو اچي.

124. آئرينيس، هيريسِس (iii,3) ٽرٽولين (هدايتن ۽ حڪمن ۾، باب - 36) ۽ سائپرين (تحريرون 27,55,71,75) ۽ لي ڪلرڪ (ڪليسا جي تاريخ - ص - 764) ۽ موشير - (صفحا 258 ، 578) اهي سيئي هنن تحريري ٽڪرن جي معنيٰ ۽ مفهوم ڪيڏ ۾ ڏڏل آهن. ۽ حواري درويشن جي کجهه وڏيڪ وسيع ۽ جذباتي معنيٰ ۽ مفهوم روم جي دعوائن جي وڏيڪ ويجهي ٿي نظر اچي.

125. ڏسو سزئريا جي پادري فرميلئينس جي تُند ۽ تيز تحرير، روم جي بِشپ اسٽيفن ڏانهن، سائپرين - (تحريرون -75).

126. لادينين کي پاڪ غسل ڪرائڻ جي اختلاف جي سلسلي ۾، ڏسو سائپرين جون تحريرون ۽ يوسيبيس جو ستون ڪتاب.

127. هنن لفظن جي اصليت ڇاڻڻ لاءِ، موشير جو مطالعو ڪيو (ص - 141) اسپانير (ڪليسا جي تاريخ - ص - 633) ڪِلرس ۽ لئسس جي وچ ۾ فرق ٽرٽولين جي زماني کان اڳ ۾ ئي واضح ٿي چڪو هو.

128. انسانن جي جنهن برادري جو ادارو افلاطون ڏاهيو هو اُهو ان کان ڪيئي دفعا وڏيڪ پورو ۽ مڪمل آهي جيڪو سرتامس مور پنهنجي "خيالي دنيا" (Utopia) لاءِ پنهنجي ذهن ۾ جوڙيو هو. عورتن جي برادري ۽ دنياوي سامان ۾ئي هڪ ٻئي کان جدا نٿا ڪري سگهجن جو ته اُهي ٻئي ساڳئي سرشتي جو حصو آهن.

129. جوزفِس (قديم قصن ۾ (xxiii,2) فلوڊي وٽ (خيالي دنيا ۾).

130. ڏسو حوارين جا ڪارنامو (ii, 4,5) گروٽيس جي تبصري سميت. موشير هڪ خاص مضمون ۾ ماڻهن جي عام راءِ تي حملو ٿو ڪري پر جيڪي دليل ڏئي ٿو، اُنهن جو ڪو به نتيجو نٿو نڪري.

131. جسٽن مارٽر (معافي نامو) ميجر (باب - 89)

ترٽولين. (معافي نامو - باب - 39)

132. آئرينيَس هيريسِس (iv, 27,34) اوريجن، سائپرين (ڪليسائي پادرين جي باري ۾، (ii, 34, 35) ڪورنليَس جي حاشياتي نوٽن سميت، آئين، خدائي قانون جو حوالو ڏئي ته پادري يا بِشپ، بادشاهن کان ائين مٿاهان آهن جيئن روحَ جو درجو جسم کان مٿاهون آهي، اُهي شيون جن تي ڏهون حصو ڏيڻو پوي ٿو اُنهن ۾ اَن، شراب، تيل، ۽ ڪاٺ شامل آهن. هن دلچسپ موضوع تي پرائيڊيڪس جي تاريخ - ڏهون حصو ورچ جو ضرور مطالعو ڪجي ۽ فراپائلو پڻ، جيڪي ٻه وڏا ليکڪ آهن پر اُنهن جو ڪردار هڪ ٻئي کان مختلف آهي.

133. ساڳيو نظريو جيڪو سال هڪ هزار ۾ ٻه موجود هو ته ان جا نتيجا ۽ اثر ٻه ساڳيائي هيا. ڪيترن چَندن ڏينڻ جو مقصد معلوم ڪي ويندو آهي ڇو ته: "دنيا جي پڄاڻي هاڻي تمام ويجهي آهي." (ڏسو موشيم جي ڪليسا جي عمومي تاريخ - i, 457).

134. "عيسائين جي عام پريشاني (جيئن عام پوڳ ان جي تصديق ڪري) اها آهي ته پنهنجون ملڪيتون وڪڻن ۽ هزارين سيسٽرسِس جون قربانيون پيش ڪن. جيڪو انتهائي بيعزتي وارو ڪم هو سو هيو سندن ڏاڏن ۽ پَڙ ڏاڏن جي سامان جو عام نيلام جنهن تي سندن وارثن ماتر ڪيو ۽ جيڪو درويش ماڻ پيءُ جو ضرورتمند پٽ هيو ان کي پائي ٻه نه ملي. ڪيلسائن جي ڪُنبن ۾ سندن سامان لِڪو پيو آهي ۽ مذهبي خدا پرستيءَ جي اها انتها آهي ته پنهنجن پيارڻ هارن کي سُجو ۽ پينگيو بنائي ڇڏجي." راهبن جو پوءِ وارو روَيو ظاهر ڪري ٿو ته روم جي ڪليسا جي دولت جو ڪيڏو نه صحيح استعمال ڪيو ويو هو. بيشڪ اهو تمام گهٽو هو. پر فراپائلو (باب - 3) لکي ٿو ته تمام گهٽو وڌاءُ ٿو ڪري جڏهن هو پنهنجي طرفان فرض ٿو ڪري ته ڪموڊَس جي جانشينن، پنهنجي لوڀ ۽ لالچ سبب يا شاهي محلات جي مُنهندارن جي چوڌ تي، عيسائين کي تڪليفون ۽ بيشمار اذيتون پهچايون هيون.

135. سائپرين (تحريرون - 62)

136. ترٽولين (تجويزون ۽ تحريرون - باب - 30)

137. ڊائڪليشيَن شهنشاهه جيڪو فيصلو ڏنو اُهو دراصل پراڻي قانون جو هڪ اقرار نامو هيو. "ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته هڪ شراڪتي اداري، سواءِ ان جي ته انکي کي خاص حق مليل هجن، ڪابه ملڪيت ورائت ۾ نٿو وڃي سگهي." (فراپائلو باب - 4) محسوس ٿو ڪري ته وٽلرين جي حڪومت کانوڀي انهن قائدن قانونن تي عمل نه ٿي ڪيو ويو.

138. آگسٽ جي تاريخ (ص - 131) اهو عوامي ميدان هيو پر هاڻي ان تي جهيڙو جوٽيو ويو هو.

139. آئين (پادرين جو اداري - ii,35)

140. سائپرين (ڊي لئپسس - ص - 89 ۽ تحريرون - 65) الزام جي تصديق اِليبيرس جي ڪائونسل جي اٺويهين ۽ ويهين (19، 20) اصول ذريعي ٿئي ٿي.

141. جسٽن ۽ ترٽولين جي معافي نامي کي ڏسو، وغيره.

142. روم وارن جي دولت ۽ سخا جي روايتن کي، جيڪا هو پنهنجن پري پنڌ وارن پائرن سان ٻه مهربانيون ڪندا هيا، ڪورنٽ جي ڊائنوسيس طرفان وڏي احسانمندي جي جذبن سان ملهائي وئي هئي. (يوسيبيَس iv,23)

143. ليوسيَن کي پيريگرن ۽ ڏسو. (تحرير - 49) جيڪو ان وِيچار ۽ غرَ ۽ گِري ويو آهي ته عيسائين جي سخا نہ رکو سندن پنهنجن لاءِ آهي پر غير مذهب جي غريبن لاءِ پڻ هئي.

144. جديد پرچارکن جو ساڳين حالتن ۽ اهو تعريف جوگو ڪردار رهيو آهي. ٽن هزارن کان ٻہ وڌيڪ نوان چاول ٻارڙا هر سال پيڪن جي گهٽين ۽ بغير ڪنهن سهاري جي پيل هوندا آهن. ڏسو لي ڪو منّي، يادگيريون وغيره(i,61)

145. مانٽئنسٽ ۽ نوواٽينينس (فرقا) جيڪي تمام زور ۽ ضِدَ مان هن خيال کي بنهہ چنبڙي پيا هيا. اڄڪلهي خود پاڻ ٻہ اُنهيءَ قطار ۽ بيٺا هيا جتان فرقي بازن کي تڙي ڪڍيو ويو هيو. ڏسو عالِم ۽ ڪشاده ذهن موشيم ڪي. (اڪيلائي - ii,iii)

146. ڊائنوسيَس (يوسيب iv,23) سائپرين (ڊي لئپسس).

147. ڪيوجي اوائلي عيسائيت (iii,5) ڏسو. قدامت جي واکاڻ ڪندڙ ماڻهن جي نقصان تي افسوس جو اظهار ڪن ٿا.

148. ڊيوپن ۽ ڏسو (ڪليسا جي تاريخ (ii,304-313 - ڪليسا ۽ ڪائونسل اُنهن اصولن جو مظاهرو ٿيل آهي جيڪي، ڊائڪليشيَن جي تڪليف ۽ مبتلا ٿيڻ کانپوءِ پهريون خاموشيءَ جون گهڙيون ڪيس ميسر ٿيون هيون، انهن ۽ جمع ڪيا ويا هيا. شهنشاهہ جي هيءَ اذيت اسپين کان وڌيڪ گلاتيا ۽ محسوس ڪئي وئي هئي، هڪ اهڙو فرق، جيڪو ڪنهن طريقي سان اُنهن جي قاعدن قانونَن ۽ تضاد ڏيکاريندو هو.

149. سائپرين (تحريرون - 69)

150. فن ۽ هنر، طور طريقا ۽ شار جي ديوتائن جي پادرين جون برايون اپولِيس طرفان ڪِل ۽ خوش مزاجيءَ مان بدني بناوٽ جي تبديلي جي ائين ڪتاب ۽ بيان ٿيل آهن.

151. اسيئارچ جو عهدو هن قسم جو هو جنهن جو تذڪرو ارسٽائيڊس ۽ نقشن ۽ گهڙو ڪري ڪيو ويو آهي. اهو سالياتو ۽ مخصوص هو. فقط ڪر ظرف شهري ئي شايد ان اعزاز جي خواهش ڪندا هوندا ۽ ڪوبہ نہ پر فقط بيحد دولتمند ماڻهو ئي ان جو خرچ برداشت ڪري سگهندا هئا. حوارين بابت مواد ڏسو (ii,20) فلپ، جيڪو اسيئارچ جي ڊيوٽي ڏئي رهيو هو، ڪيڏي نہ بي ٽُڪي ۽ اڊنگي نموني سان پالي ڪلرپ جي شهادت لاءِ پاڻ ڪي اوستائين وڌي ويو. اهڙي طرح ۽ اهڙي نموني بٽي نيارچ ۽ لسيياچ وغيره پڻ هيا.

152. جديد نقادَ اهو مڃڻ لاءِ تيار ناهن جيڪو ڪجهہ سندن حواري گڏجي چوَن ٿا تہ سينٽ مٿيو هڪ انجيل عبراني زبان ۽ تيار ڪيو جن مان فقط يوناني ترجمو اڄا تائين موجود آهي. سندن شاهديءَ کي رد ڪرڻ بهرحال خطرناڪ ٿو لڳي.

153. نيرو ۽ ڊوميٽين جي حڪومت ۽ ۽ اليگزنڊريا، انٽئڪ، روم ۽ اينيسس جي شهرن ۽. ڏسو مِل کي عهدنامي ۽ ڊاڪٽر لارڊنر جي مانائتي ۽ وسيع جُلدن ۽ (جُلد. XV)

* (سينٽ پال)

154. الوجيئنس (ايپيفنئيس ڊي هيريس - 51) اٿوڪٽلپس جي اصليت کي نٿو مڃي ڇاڪاڻ تہ ٽياٽيرا جي ڪليسا تيستائين ڪانہ ڏهي هئي. ايپيفنئيَس جيڪو هن حقيقت کي مڃي ٿو، پاڻ کي مشڪل مان ڪڍي آجو ٿو ڪري ڇڏي

۽ هن سلسلي ۾ پنهنجي ڏهانت کي استعمال ڪندي ان ڳالهه جي پٽيرائي ڪئي ته سينٽ جان اڳڪٿي واري يا غيبي انداز ۾ لکيو هو.

155. اِگنٽيَس ۽ ڊائنوسيَس جون تحريرون (يوسيبيَس (iv, 23) ايشيا ۽ يونان ۾ ڪيترين ئي ڪليسائن جو ذڪر ڪيو آهي. جيتريقدر اٽينس جي گرجا جو تعلق آهي ته اُها ان وقت ايتري آباد نه هئي.

156. الیگزنڈریا ۾ ليوسين (باب - 25) عيسائيت يقيني طور تي پونٽس ۾ غير برابريءَ سان پکڙجي وئي هئي، جو ته ٽين صديءَ جي وچ ڌاران سترهن کان مٿي مذهب وارا به سِنئريا جي نئين شهر ۾ موجود ڪين هيا. ڏسو ايو - ڊي ٽليمانٽ (ڪليسا جي يادگيرين ۾ (iv, 675) ۽ باسل کان نياسا جي گريگري تائين جيڪي پاڻ ڪپادوشيا جا مقامي ماڻهو هُيا.

157. قديمي ماڻهن جي چوڻ موجب، حضرت عيسيٰ (ع - س) ٻن ستارن جي عهدي سبب تڪليف ۾ پيو جيڪو موجوده سن جو 29 هون سال هو. پلني کي سن 110 ۾ (پاگي مطابق) بٿنيا موڪليو ويو هو.

158. پلني (تحريرون - x,97)

159. ڪرسوسٽم (آپرا، vii,658,810)

160. جان ملالا (ii,144) هو به اٽنٽڪ جي آدمشماريءَ بابت ساڳيو نتيجو ڪڍي ٿو .

* (سينٽ جان ڪرسوسٽم 407-347ع) قسطنطنيه جو مکيه پادري.

161. ڪرسوسٽم (i,593) آءٌ ڊاڪٽر لاردنر جو هنن تحريرن لاءِ بيحد احسانمند آهيان، توڙي جو اُهي منهنجي انومان لاءِ نه آهن. (انجيل جي مستند تاريخ. (xii,370)

162. بسنيج پنهنجي تاريخ (۾ باب 23، 22، 21، 20) ۾ تمام گُوڙهي باريڪ بينيءَ سان فِلو جي مقالي جو جائزو ورتو آهي جنهن ۾ خدائي خدمتگارن جو ذڪر بيان ٿيل آهي. اهو ٻڌائيندي ته اهو فرقو ايترو اڳ جو آهي جيترو آگسٽس جو دؤر. بسنيج مشاهدو ڪيو آهي، باوجود پڪ يوسيبيَس (ii,17) ۽ گهٽن ڪٿولڪن جي ته خدائي خدمتگار نه ته عيسائي هيا ۽ نه ٻاوا هئا. اها ڳالهه ايجا تائين به محڻ جهڙي ٿي لڳي ته اُنهن پنهنجا نالا بدلايا هيا، پنهنجي طور طريقي کي قائم رکيو. مذهب جون ڪجهه نيون ڳالهيون پاڻ اختيار ڪيائون ۽ پوءِ آهستي آهستي مصر جا رهاڪو ٿي نيڪ ۽ پرهيزگار ٿي ويا ۽ درويشي جو لقب ماڻيائون.

163. هئبرٽن جو هڪ خط ڏسو. آگسٽن تاريخ ۾ (ص - 245)

164. الیگزنڈریا جي پادرين جي سلسلي ۾، رِنادوٽ جي تاريخ جو مطالعو ڪجي (ص - 24) وغيره. هيءَ دلچسپ حقيقت هڪ سردار يوتيچيَس (تاريخوار واقعا - 1،334) ۽ پوڪوڪ (تاريخ ڏهين صدي) ۾ محفوظ ڪئي آهي. اندروني شاهدي ٿي سڀني اعتراضن جي جواب ڏيڻ لاءِ ڪافي ٿيندي .جن تي پادري پيٽرسن پنهنجي طرفان وِندِيشيا اِگنٽيٽي ۾ زور ڏنو آهي.

165. اميئينس مارسيلينَس (xxii,16)

166. اوريجن (ڪنٽراسيسلر i,40)

* (اتفاقي، اوچتو ٿيندڙ)

167. "هڪ وڏو ميڙ" اهو ٽئسيٽس جو محاورو آهي (xv,44)

168. لِوي (xxxix, 13,15,16,17) جڏهن بکانئلينس جو اوچتو اظهار ٿيو ته سينيٽ ۾ چرڪ گاڏر پئو ۽ حيرانگي وارو خوف کين ايترو ته وکوڙي ويو جو بيان کان ٻاهر آهي، سندن ابتري جي حالت کي بيان کيو ويو آهي ۽ شايد لِوي طرفان مبالغو کيو ويو آهي .

169. يوسيبيس (vi,43) لاطيني مترجم (ايم.ڊي وٽلوٽس) اهو مناسب سمجهيو ته نائب پادرين جي تعداد کي گهٽائي چوٽيتاليهه ڪري ڇڏي.

170. نائب پادرين ۽ غريبن جو اهو تعداد، بين ماڻهن جي مقابلي ۾ اصل ۾ برنيٽ مقرر کيو هو (اٽلي جو سير - ص - 168) جنهن کي منائل پڻ مڃيو ۽ منظور کيو. (ii,151) اهي ٻئي ڪرسوسٽر جي تحرير کان ناواقف هئا، جنهن سندن هڪ اندازي کي حقيقت ۾ بدلائي ڇڏيو آهي.

171. "عيسائيت پوءِ ائلپس کان به اڳتي تائين پکڙجي وئي." (سلپيشيس سيورَس، ڪتاب - ii) جيتريقدر آفريڪا جو تعلق آهي ته ڏسو ٽرٽولين کي (اسڪٽپيولم ۾ - باب - 3) ڊونيٽسٽن مطابق، جن جي خيالن کي آگسٽائن به ڪليل نموني تسليم کيو آهي، آفريڪا آخري صوبن ۾ شامل هو جتي انجيل جي تعليم پهتي هئي. (ٽليمانٽ - ڪليسا بابت - (i,754) .

172. "هي پهريون پيرو هو جو گال ۾ شهادت ظاهر ٿي." (سلپيشيَس سيورَس - ڪتاب - ii) هي ليونس جا مشهور شهيد هئا. (ڏسو يوسيبيَس کي v,i) ٽليمانٽ، (ڪليسا بابت ii,316) اهو تصور کيو ويندو آهي ته اسڪيليٽن جا شهيدَ سڀ کان پهريان هيا. اپُوليَس جي مخالفن مان هڪڙو عيسائي هيو. (معافي نامو. صفحا 496، 497) جنهن کي ڊيلفن ايڊٽ ڪيو.

173. خلوص جو عمل - (ص - 130)، تورس جو گريگري (i,28) موشير (صفحا (207-449) اها ڳالهه اعتبار ڪرڻ جهڙي ٿي لڳي ته، چوٿين صديءَ جي شروعات ۾ پادرين جي وسيع حدن جا علائقا جيئن ليج، ٽريوز ۽ ڪولون هيا جتي پادريءَ جو فقط هڪڙو عهدو هوندو هر جيڪو پڻ تازو تائر کيو ويو هو. (ڏسو ٽليمانٽ جون يادگيريون . (vi,i,438411)

174. موشير جي مقالي ۾ ٽرٽولين جي معافي نامي جي تاريخ مقرر ٿيل آهي جيڪا سال 198 ۾ آهي.

175. پندرهين صدي عيسوي ۾، تمام تورا ماڻهو هوندا جن کي ڪنهن سوال ڪرڻ جي سمجهه يا وري همت هجي ته واقعي آرمينيا جي جوزف گلاسٽونبري جي مذهبي خانقاهه جوڙي هئي، يا وري ڊائنوسيَس ايروپئگائيٽ انيس جي مقابلي ۾ پنهنجي رهائش جي جڳهه پٽرس ۾ پسند ڪئي هئي.

176. نائين صدي عيسوي ۾ هڪ زبردست جسماني تبديلي آئي هئي. ڏسو مٽريانا (اسپين جي تاريخ i, 13, vii, 285) جيڪو هر طرح لِوي جي ڪاپي ٿو ڪري جنهن ۾ ڊاڪٽر گيبيس طرفان سينٽ جيمس جي عظيم داستان جو به صحيح پتو پوي ٿو.

177. جسٽن مارٽر (گفتگو) ۽ ٽرائفن - (ص - 341) آئرينيس، هيريسِس (i,10) ٽرٽوليـن (جدئڪو - بـاب - 7) موشير ڪي ۽ ڏسو (ص - 203)

178. ڏسو چوٿين صديءَ جي موشير جي ڪليسا جي تاريخ. ڪيترين ئي منجهيل ڳالهيون جيڪي آئبيريا ۽ آرمينيا جي تبديليءَ سان تعلق رکن ٿيون، اُنهن کي ڪورين جي موسيٰ ۾ ڏسي سگهجي ٿو (ii,78,89) .

179. ٽرٽولين مطابق عيسائي مذهب برطانيہ جي ڪيترن ئي اهڙن علائقن تائين ڦهلجي چڪو هو جتي روم جون فوجون ۽ نہ پهچي سگهيون هيون. هڪ صدي پوءِ، ٽِنگل جي پٽ اوسِيَن پنهنجي پوڙهاپي ۾ هڪ ڏاڙي پرچارڪ سان جهيڙو ڪري وڌو ۽ اُهو جهيڙو جيڪو سچي جو سچو شاعريءَ ۾ آهي، ايجا تائين موجود آهي ۽ جيڪو ايرس ٻوليءَ ۾ آهي، ڏسو مسٽر مئڪفرسن جو مضمون جيڪو اوسيَن جي قدير شاعريءَ متعلق آهي. (ص - 10) .

180. گائن، جن ڪئلئينس بادشاهہ جي دؤر ۾ پوري ايشيا کي تاراج ڪري ڇڏيو هو، پاڻ سان گڏ ڪيترا قيدي ۽ وني ويا هيا، جن مان ڪيترائي عيسائي هيا جن بعد ۾ پرچار ڪن جو روپ ونڻي ڇڏيو. ڏسو ٽليمانٽ (ڪليسا جي تاريخ - iv,44) .

181. آبگارس جي ڪهاڻي جيڪا شاندار تہ آهي ئي سهي، هڪ وڏي ثابتي ڏئي ٿي تہ يوسيبيَس جي تاريخ نويسيءَ کان ڪيترا ئي سال اڳ ۾، ايديسا جي رهاڪن جي تمام گهڻي تعداد عيسائي مذهب اختيار ڪري ڇڏيو هو. سندن مخالف - يعني ڪارهي جي شهر سورهين صديءَ ۾ هٿن جي مخالفت ۾، لادينيت اختيار ڪري ڇڏي.

182. برڊيسينس موجب، (يوسيبيَس، انجيل بابت) فارس ۾، هي صدي جي خاتمي کان اڳ ۾، ڪجهہ عيسائي موجوڊ هٿا. ڪانسٽنٽائن جي وقت ۾، (ڏسو سندس تحريرون (iv,13) ونڻ هڪ آباد ڪليسا موجود هئي. بيوسوبر جو مطالعو ڪجي (تاريخ ڪرئِڪ دي مئنيچسر، i,180)

183. اوريجن (ڪنٽراسيلسر - viii,424)

184. مائنوسيَس فيلڪس (باب - 8) ووزَس جي وضاحتن سان گڏ، سيلس، اوريجن (iii,138 & 142) جولين (سائرل iv,206) جنهن کي اسپانيہ ايڊٽ ڪيو آهي.

185. يوسيبيَس (ڪليسا جي تاريخ (iv,3) هائرونمر (تحريرون - 83)

186. جسٽن جي مڪالمن ۾ ڳالهہ کي تمام خوبصورت طريقي سان بيان ڪيو ويو آهي. ٽليمانٽ - (ڪليسا بابت يادگيريون - ii,384) هن کان پوءِ ڳالهہ ٻڌائي تہ جيڪو ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ هي بزرگ ماڻهو انسان جي روپ ۾ فرشتو هو.

187. يوسيبيَس (v,28) اها اُميد ڪجي ٿي تہ تفرقي بازن ڪانسواءِ ٻي ڪنهن بہ سيلسَس جي شڪايت جو موقعو نہ ڏنو هو. (اوريجن - ii,77) ٻيو تہ عيسائي انجيلن کي لڳاتار درست بہ ڪري رهيا هيا تہ ان ۾ ڦيرڦار بہ مسلسل ڪري رهيا هيا.

188. پلني (تحريرون x,97) "ٻيا بہ ساڳي چريائپ ۾ مبتلا آهن، جن ۾ روم جا شهري پڻ شامل آهن. ڪيترن ماڻهن منجهان هر عمر، هر طبقي ۽ هر جنس جي ماڻهن کي انصاف جي عدالت اڳيان پيش ٿيڻو ٿي پوندو".

189. ٽرٽولين ائڊ اسڪئپولم. ان جي باوجود سندس جوشيلي تقرير يا تحرير ڪارٿيج جي فقط ڏهين حصي تي دعويٰ جي حقدار ٿي سگهي.

190. سائپرين (تحريرون - 79)

191. ڊاڪٽر لارڊنر عيسائين جي شاهديءَ جي پنهنجي پهرئين تورِي ۾ جُلد ۾ مواد کي گڏ ڪري ان جون اُهي وضاحتون پيش ڪو ڪري جيڪي ننڍي پلني، ٽئسيٽس، گئلن، مارڪس ائنٽونينس ۽ شايد ايپڪٽيٽس جمع ڪيون هيون. (پوئين جي لاءِ البت يقين ڪونهي تہ ان فيلسوف بہ ڪڏهن عيسائين جي باري ۾ ڳالهايو هو) نئين فرقي کي سينيڪا، وڏي پلني ۽ پلوٽارچ ڪنهن بہ ڪاتي يا حساب ڪتاب ۾ نہ آندو آهي.

192. جيڪڏهن "ستر هنتن" جي مشهور پيسنگوئي هڪ روم جي فيلسوف سان منسوب ڪئي وئي آهي تہ ڇا هُو ان جو جواب سِسيرو جي هنن لفظن ۾ نہ ڏئي ها: "ڇا هيءَ پيشنگوئي، مهينن يا ڏينهن کي تہ ڇڏيو، سالن ۾ بہ پوري ٿيندي؟" غور ڪيو تہ ليوسيَن (ليگزئنڈريا، باب - 3 ۾) ۽ سنڊس دوست سيلسَس اوريجن ڪيڏي نہ بي ادبيءَ وچان (vii, 327) عبراني پيغمبرن جي باري ۾ ڳالهائڻ ڏا .

193. اُهي فيلسوف، جيڪي سيلسَس جي قديم پيشنگوين تي ڪِليا ٿي، يهودين ۽ عيسائين جي جعلسازي ۽ دوکيبازي جي ڪمن کي آسانيءَ سان پکڙي وڻن ها جن کي وڏي ڪاميابيءَ سان حواري بزرگن جسٽن مارٽر ڪانوئي لئڪٽنٽيَس تائين بيان ڪيو آهي. جڏهن سبلائين جي شاعري پنهنجي گهُربل مقصد کي مڪمل ڪري ورتو هو، تہ اُهي، هزاري جي سرشتي وانگر، فورن پوئتي هٽايا ويا هيا يا کين پاسيرو رکيو ويو هيو. عيسائي سِبل، روم جي تباهي، بدقسمتيءَ سان سن 195 عيسوي ۾ مقرر ڪئي هئي (195 عيسوي يا سال 948 جڏهن روم جو بنياد پيو هو. سبلس پيشنگوين ڪندڙ عورتون هيون جن جون پيشنگوين پڻ شاعريءَ ۾ هوندين هيون).

194. حواري بزرگ، جيئن اُهي ڊام ڪالميٽ طرفان جنگ جي صفن ۾ بيهاريا ويا هيا (انجيل بابت مقالا-295 iii, 308) لڳي تو تہ سڄي ڏرتي کي اُنهن اوندهيءَ سان ڍڪي ڇڏيو هو جنهن ۾ ڪيترا جديد ماڻهو بہ سندن پوئلڳ ڏسجن ٿا.

195. اوريجن (ائڊمٽ - باب - 27) ۽ ٻيا جديد نقاد جيئن بيضا، لي ڪلرڪ، لارڊنر وغيره ان ڳالهہ جا خواهشمند آهن تہ ان کي جُوڊيا جي خِطي تائين محدود رکيو وڃي.

196. فليجن جي تحرير جي مشهور ٽڪري کي هاڻي عقلمنديءَ مان ڇڏيو ويو آهي. جڏهن ترٽولين، لادينن کي يقين تو ڏياري تہ خاص ماڻهوءَ جو ذڪر آرڪئس (۽ نہ آرڪائيوز) ۾ موجود آهي، تہ ويسپَرس (ڏسو سنڊس معاني نامو - باب - 21) اُهو شايد سِبلائين شاعريءَ لاءِ گذارش تو ڪري جيڪا انجيل جي لفظن سان هوبهو مشابهت ٽي ڏيکاري.

197. سينَيڪا (فطري طلب i,I) (vi,I,vii,17,15 پلني (فطري تاريخ - ڪتاب - II).

198. پلني (فطري تاريخ - ii,30)

199. ورجل جارجيڪس (i,466) ٽبولس (ڪتاب II - اليگ (v,75) اووِڊ (جسماني تبديلي XV,782) ليوڪن (فارسل- i,540) هنن مان جيڪي آخري شاعر آهن. هن خاص ۽ اهر ڳالهہ کي خانہ جنگيءَ کان پهريون ٿا رکن.

200. ايئر ائنناني جي هڪ قومي تحرير جوزِفس ۾ ڏسو، قدامت - (xiv, 12) پلوٽارچ، سيزر ۾ (ص - 471) ائپيَن (ٻيل ۾) سِول (ڪتاب - iv) ڈائن ڪئسيَس (xIv, 431) جوليَس آبسيڪئنس، (باب - 128) سندن ننڍڙو مضمون لِوي جي اهر صلاحيتن جو خلاصو آهي .

باب - سورهون

نيرو کان کانسٽنٽائن جي دؤر تائين روم جي حڪومت جو عيسائين سان ورتاءُ.

جيڪڏهن اسان عيسائي مذهب جي نِج سچائيءَ تي سنجيدگيءَ سان غور ڪنداسين ۽ ان جي اخلاقي هدايتن جي پاڪيزگي ۽ اُنهن بيشمار ماڻهن جي معصوم ۽ سادگي واري زندگي کي جاچينداسين جيڪي پهرئين دؤر ۾ حضرت عيسيٰ (ع - س) جي تعليم ۽ عقيدي ۾ داخل ٿيا، تہ اسانکي فطري طور تي اهو سوچڻ گهرجي تہ اهڙي شفقت ۽ مهرباني واري اصول جو وڏي احترام سان آڏر ياءِ انجيل ۾ اعتقاد نہ رکندڙن طرفان پي ڪيو وڃي ها ۽ جيڪي سوچيندڙ ۽ نرم مزاج جا ماڻهوهيا، تورِّي ڪٽي اُهي معجزن تي ڪِلندا ۽ ٺٽوليون ڪندا هيا، پر نئين دين جي ڇگاين تي پوءِ بہ غور ڪن ها؛ ۽ جيڪي مئجسٽريٽ هيا اُهي ماڻهن کي اذيتن ڏيڻ جي بجاءِ اُنهن جي حفاظت ڪن اها جن نوَن قانونن جي فرمانبرداري ڪجهہ خوف گاڏُر ڊرائيءَ مان ٿي ڪئي تورِّي جو اُنهن جنگ ۽ حڪومت ۾ حصيدار ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. ان جي برعڪس جيڪڏهن اسان، روم جي سينيٽ ۽ شهنشاهن طرفان هڪ آفاقي برداشت تي غور ڪريون جيڪا هنن گهٽن خدائن کي پوڄڻ وارن جي سلسلي ۾ بہ روا رکي هئي تہ پوءِ اسان کي اها ڳالهہ هرگز سمجهہ ۾ نٿي اچي تہ آخر عيسائين ڪهڙو اهڙو نئون ڏوهہ ڪيو هو. يا اُنهن قديمي ماڻهن کي چيڙائڻ يا کين آپي مان باهر ڪيڻ جو ڪهڙو اهڙو ڪر هو جتي هزار قسمن جي مذهبن جا مختلف روپ ۽ طريقا رائج هجن ۽ شهنشاهن جي شفقت جي پاڇن ۾ امن ۽ سُکون سان رهندا هجن تہ پوءِ آخر روم جي شهنشاهن جو ڪهڙو نئون مقصد يا نيت هئي جو هو پنهنجي رعيت جي ڪجهہ ماڻهن کي سخت ۾ سخت سزائون فقط انڪري ڏين تہ هنن هڪ نئون، انوکو ۽ ڪنهن کي نہ تہ ڏکوئيندڙ نہ آزاريندڙ عقيدو ۽ عبادت جو طريقو پاڻ لاءِ چُونڊيو هو.

لڳي ٿو تہ قديم دنيا جي مذهبي پاليسي هڪ سخت ۽ اَڻَ سهپ وارو ڪردار اختيار ڪري ڇڏيو هو تہ جيئن عيسائيت جي واڌاري جي پرپور مخالفت ڪري سگهجي. حضرت عيسيٰ (ع - س) جي موت کان اسي سال پوءِ، سندس بيتصور پوئلڳن کي، هڪ نرم مزاج ۽ فيلسوفن واري طبيعت رکندڙ مئجسٽريٽ جي قلم سان موت جون سزائون ڏنيون ويون ۽ اُهي بہ وري اهڙي شهنشاهہ جي قانون ذريعي جيڪو سياڻپ، انصاف ۽ مانائتي انتظام ذريعي سڃايو ويندو هو. جيڪي معافي ناما تراجن جي پونيرَن ڏينهن موڪليا ويا هيا تہ اُنهن ۾ دردناڪ دانهون ڪيون ويون هيون تہ جيڪي عيسائي پنهنجي ذهن ۽ ضمير جي چوَڻ تي پنهنجي زندگي گذاريندا هئا تہ روم جي شهنشاهت جي رعيت ۾ اُهي ٿي فقط اهڙا هئا جيڪي هڪ ڇگي حڪومت جي هر سهولت ۽ مهربانين کان محروم هيا. ڪجهہ نالياورن شهيدن جي موت کي احتياط سان محفوظ ڪيو ويو آهي، ۽ جڏهن کان عيسائين کي مٺاهان اختيار سؤنپيا ويا تہ چرچ جي گورنرن کي پابند ڪيو ويو هو تہ هو پنهنجن ظلمن جي ڪمن ۾ نروار ۽ نامياريا رهڻ جي بجاءِ پنهنجن لادين مخالفن جي روَين کي پنهنجو بنائين. هن باب جي ترتيب ۽ مقصد هي آهي تہ جيڪي مستند حقيقتون ۽ دلچسپ موضوعَ آهن اُنهن کي غلط ۽ انساني ڳالهين کان، جيترو ممڪن ٿي سگهي تہ، جدا ڪجي تہ جيئن بلڪل صاف ۽ مدلل طرقي

سانْ اُنهن حالتن جا سبب، ڪارڻ، سندن حدون ۽ وقت جو ڪاتو وغيره ڇڪيءَ طرح ڇاڻائجن ۽ اهو معلوم ڪجي ته پهريَن عيسائين سان ڪيترا ظلم ٿيا يا ساڻن ڪيڏيون زيادتيون ڪيون ويون.

اذيتون پهچايل مذهب جا ماڻهو جيڪي خوف کان هيسيل آهن، سندس دليون ڏک سان تمنّار آهن ۽ شايد جوش جلائي کين پهرائي چڏيو آهي ۽ سندن دماغ ايترو ته موڪو ۽ ملول ٿيل آهي جو هو پنهنجن دشمنن کان ايترو پڇڻ جهڙا به ڇڻ نه رهيا آهن ته کين عذابن ۾ مبتلا ڪرڻ جو سبب ته ڪانئن پڇن جيڪو اڪثر اُنهن تجسُس ڪندڙن ۽ غيرجاندار ماڻهن جي به ذهن ۾ نٽو رهي تورڙي جو اُهي اُنهن جي عذابن جي باهه جي شعلن کان محفوظ رهن ٿا. اوائلي عيسائين لاءِ شهنشاهن طرفان سندن روَيي جو هڪ سبب ڇاڻايو ويو آهي جيڪو شايد امڪاني ۽ شاندار به لڳي ڇو ته اهو گهٽن خدائن جي پوڄا ڪرڻ وارن جي مڇيل ذهن منجهان آيو هوندو. اهو اڳ ۾ ئي ٻڌايو ويو آهي ته دنيا جي مذهبي رواداري ۽ سَهپَ کي ان هاڪاري رويي ۽ احترام جي پٽيرائي هئي جيڪو قديم دنيا جي قومن پنهنجن ريتن رسمن ۽ ورسين لاءِ ظاهر ڪيو هو. تنهنڪري اها اُميد ڪئي پئي وئي ته اُهي ان فرقي يا ماڻهن خلاف سخت ڪاوڙ مان متحد ٿيندا جيڪو انسانذات جي برادريءَ مان نڪري الڳ ٿي ويندو. ۽ خدائي علم جي اڪيلي دعويدار هڻڻ جي هاڙ هٽندو يا پنهنجي فرقي يا مذهب جي عبادت ڪانسواءِ ٻين سڀني کان نفرت ڪندو ته اهڙي ماڻهوءَ جي ڪار گذاريءَ کي ناپاڪ ۽ بت پرستي وارو عمل ڪوٺيو ويندو. هڪ ٻئي کي برداشت جا حق فقط هڪ ٻئي لاءِ عزت ۽ مهرباني‌ءَ جي روپَن ۾ لکل هيا: اُهي جائز طرح سان دستوري ڏَنَ نه ڏيڻ تي ڪانئن واپس ورتا ويا هيا. جيئن ته يهودين ڏَن ڏيڻ کان صاف طرح سان انڪار ڪري چڏيو هو ۽ فقط اُهي ئي انڪاري هيا ته اهڙي موقعي تي روم جي مئجسٽريٽن اُنهن سان جيڪو ورتاءُ ڪيو ته اُهو خود ٻڌائيندو ته اُهي اندازا جن کي حقيقتن جي ٽيڪ هئي، پنهنجو پاڻ عيسائين جي تڪليفن ۽ سندس اذيتن جي سببن کي پڌرو ڪندا.

بجاءِ ساڳيون ڳالهيون ڏهرائڻ جي، جيڪي اڳ ۾ ئي روم جي شهزادن ۽ گورنرن جي احترام لاءِ جيروسلم جي مندر جي سلسلي ۾ چيون ويون آهن. اسان رڳو اهو مشاهدو ڪنداسين ته مندر ۽ شهر جي تباهي هر ان حالت سان گڏيل هئي جيڪا فاتحن جي ذهن کي سخت ڪاوڙ ڏياري ۽ نتيجي ۾ مذهبي ماڻهن کي اذيتن ۾ مبتلا ڪرڻ جو حڪر ڏنو وڃي ۽ جنهن لاءِ سياسي انصاف ۽ عوام جي حفاظت جا شاندار دليل پيش ڪيا وڃن. نيرو جي حڪومت ڪانوئي انٽرنيشنس پيَس جي دؤر تائين، يهودين کي روم جي حڪومت جي سلسلي ۾ سخت بي صبريءَ جي امتحان کي مُنهن ڏيڻو پيو جڏهن ڪن پيانڪ قتل عام ۽ بغاوتن جي آڙاهه مان گذرڻو پيو. پوري انسانذات مٿن بيدردي ۽ سفاڪيءَ وارن ظلمن ڪرڻ تي بنهه ڏڪي وئي هئي. اهي غير انساني ظلم اُنهن مصر، قبرص ۽ سائرين جي شهرن ۾ ڏهرايا جتي اُنهن غير مشڪوڪ مقامي ماڻهن سان دوڪيبازي ۽ منافقت واري دوستي رکي،[1] ۽ اسان هڪ سخت بدلي ونڊ جي عمل کي ساراهڻ ڪانسواءِ نه رهي سگهنداسين جيڪو فوجين پنهنجن هٿيارن سان هڪ جنوني ذات کان ورتو هو جن جي سخت وهمن وسوسن کين نه رڳو روم جي حڪومت جو ڪٽر دشمن بنائي چڏيو هو پر هو پوري انسانذات جا به دشمن ٿي ويا هيا.[2] يهودين جي جوش جذبن کي ان خيال وڌيڪ تقويت ٿي ڏياري ته اهو اُنهن لاءِ غير قانوني عمل هوندو جيڪڏهن هو ڏن يا ٽئڪس هڪ بت پرست مالڪ کي ادا ڪن ڇو ته کين هڪ آس ۽ اُميد سندن اندر ۾ موجود

هئي تہ اُنهن جي قديمي پيشنگوين ذريعي بہ کين ڄاڻ هئي تہ هڪ ڏينهن سندن سويارو مسيحا ضرور ظاهر ٿيندو جيڪو سندن هٿن جا زنجير ۽ پيرن جون ٻيڙيون اچي توڙيندو ۽ سموري زمين کي بهشت جي نعمتن سان اچي نوازيندو. اهڙي طرح هو خود پاڻ اعلان ڪندو تہ جنهن نجات ڏيارينڊ جو ماڻهن انتظار پئي ڪيو اُهو وٽن پهچي ويو هو ۽ حضرت ابراهيم (ع - س) جي سڀني پوئلڳن کي عرض ڪيائين تہ اسرائيل جي اُميدن جي تصديق ڪن، ٻيو تہ مشهور بارکوکيباس* وڏي فوج وٽي آيو هو جنهن سان هن شهنشاهه هئلبرٽن جي طاقت کي ٻن سالن جي عرصي اندر روڪي ڇڏيو هو.[3]

بار بار جي هنن چڑ ڏيارينڊ واقعن جي باوجود، روم جي شهنشاهه جي ڪاوڙ فتح حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ٿڏي ٿي وئي ۽ سندس خدشا ۽ انديشا بہ جنگ ختر ٿيڻ ۽ خطرن ٽرڻ شرط ختر ٿي ويا. گهٽن خدائن کي مجڻ وارن جي شفقتن ۽ ائٽونينَس پيَس جي مانيٽي طبيعت جي مهربانين هڪ دفعو وري پنهنجن هارن جي طوهر ڪرائڻ جي منظوري وٽي ڇڏي جنهن ۾ اهو منع نامو بہ شامل هو تہ هو ڪنهن بہ اهڙي ماڻهوءَ تي جيڪو مذهب ۾ نئون داخل ٿيو هو ان کي ان نمايان تحفي ڏيڻ لاءِ مجبور نہ ڪندا جيڪو فقط هڪ عبراني قوم جي نشاني هو.[4] انهن جا ماڻهو چڑو چڑ ٿي وڪري ويا هيا، ۽ توڙي جو اُنهن کي ايا تائين جيروسلم جي حدن ۾ داخل ٿيڻ جي منع ڪيل هئي، پوءِ بہ کين اجازت ڏني وئي هئي تہ پلي هو پنهنجا گهر گهاٽ ۽ زندگيءَ جا سرشتا وري اتلي ۽ آس پاس جي صوبن ۾ ٽاهن ۽ روم جي آزاد سوسائٽي جي گهٽن خرچن وارن عهدن وڻڻ کان پاسو ڪن ۽ هروپرو واري ڦوندڙ جي بار ڪٽڻ کان بہ هميشہ واسطي نجات وٽي ڇڏن. روم وارن جي اعتدال پسندي توڙي سندن نفرت ڪليسائي پوليس ٽاهڻ جي قانوني اجازت ڏئي ڇڏي جنهن کي فتح ٿيل قوم هڪ اداري جي شڪل ڏئي ڇڏي. قبيلي جي سردار، جنهن پنهنجي رهائش تائبيريس ۾ مقرر ڪري ڇڏي هئي، کي اختيار هٿا تہ هو پنهنجا ماتحت وزير ۽ حواري مقرر ڪري جيڪي مقامي انتظام کي سنڀالين تہ ساڳي وقت جيڪي سندن پائر ڪٽا ڪٽا ٿي وڪري ويا هيا اُنهن کان سالياني ڏَن وصول ڪن.[5] يهودين جون نيون عبادتگاهون، شهنشاهت جي مکيہ شهرن ۾ گهٽي تعداد ۾ تعمير ڪرايون ويون، ۽ آرام ۽ آسائش جي ستين ڏينهن تي روزا ۽ جشن يا ميلا، جن جو حڪم يا تہ حضرت موسيٰ (ع - س) جي قانون ۾ ڏنل هو يا رابيز جي روايتن ۾ ڄاڻايل هو، وڏي عقيدت ۽ عوامي جوش جذبي سان ملهايا ويا.[6] محبت جي اهڙي ورتاءِ، يهودين جي تُند مزاجي ۽ طبيعت جي سختي کي ملائر ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. پنهنجين پيشنگوين ۽ فتحن جي خوابن مان جاڳندي، هاڻي هنن پنهنجي هلڻ چلڻ جو طور طريقو صلح امن ۽ محنت ڪندڙ شهرين وارو اختيار ڪري ڇڏيو هو. انسانذات لاءِ سندن بي بدل نفرت، رتو ڇاڻ ۽ تشدد جي شعلن جو روپ وڻڻ بجاءِ هاڻي بخار ٿي اڌامي وئي هئي جنهن سندن دلين ۾ خوشي ۽ اطمينان پيدا ڪري ڇڏيو هو. اُنهن اهڙو ڪو بہ موقعو هٿان وڃڻ نہ ڏنو جنهن ۾ هنن ڏنڈي ۽ وٽج واپار ۾ بت پرستن کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش نہ ڪئي هجي ۽ اُنهن ڳجهہ ڳجهاندر ۾ ايڊم جي مغرور ۽ متڪبر بادشاهت خلاف[7] بددعائن ۽ پٽّ پاراتن جو سلسلو بہ شروع ڪري ڇڏيو هو.

جيئن تہ يهودي جيڪي اُنهن ديوتائن کي نفرت وچان رد ڪري چڪا هيا، جن کي سندن حاڪر ۽ رعيت جا ماڻهو پوڄيندا هٿا، پنهنجي غير دوستاڻي مذهب مطابق هلڻ چلڻ ۾ بلڪل آزاد هٿا تہ اهو ضرور ڪو ٻيو سبب هوندو جنهن حضرت عيسيٰ (ع - س) جي مجندڙن کي وڏين ۽ اهڙين مصيبتن جي مُنهن ۾ وجهي ڇڏيو جن کان حضرت

ابراهيم (ع - س) جا پوئلڳ آجا ۽ آزاد هئا. ٻنهي جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي سو سڀلو ۽ واضح آهي، پر، قديمي ڳالهين موجب ان فرق جي اهميت تمام وڏي آهي. يهودي هڪ قوم جو نالو هو جڏهن ته عيسائي هڪ مذهبي فرقو هو: ۽ هر برادريءَ لاءِ اهو عين فطري هيو ته جيڪي هڪ ٻئي جا يا پاڙيوارن جا مقدس ادارا هجن تہ اُنهن جو احترام ڪيو وڃي، ته ساڳي وقت ٻنهي تي اهو به لازم هو ته هو پنهنجن ابن ڏاڏن جي عقيدن تي به ثابت قدميءَ سان قائم رهن. پيشنگوين جي روايت، فيلسوفن جا اصول ۽ قانون قاعدن جي اختيارن هن قومي فرض کي نباهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. مڪمل پاڪائيءَ جي تمام اُتاهين دعويٰ موجب يهودين يقيني طور تي گهٽن خدائن جي پوڄارين جي غُصي کي چوٽ چڙهائي ڇڏيو هوندو ۽ تي سگهي تو ته هنن ڪائنُ نفرت ڪئي هجي ۽ ڪين ناپاڪ قوم ڪوٺيو هجي. ڇاڪاڻ ته هنن ٻين قومن سان رابطي ڪرڻ کان نفرت جو اظهار ڪيو هو ته پوءِ اُهي پاڻ به ٻين کان نفرت جا مستحق تي ويا هيا. حضرت موسيٰ (ع - س) جا قانون شايد گهٽي ياڳي فضول ۽ بيڪار هجن، تنهن هوندي يي جيئن ته اُهي گهٽن زمانن تائين هڪ وڏي سوسائٽي کي ملندا رهيا هيا ته انجا پوئلڳ انسانذات جي مثالن ذريعي حق تي هيا ۽ اها ڳالهه آفاقي طرح مڃيل هئي ته ڪين پورو حق تي پهتو ته اُنهن تي عمل ڪن نہ ته جيڪڏهن انهن کان پنڌيرا يا پاسير ٿين ها تہ اهو اُنهن لاءِ وڏي ڏوهه جو ڪم هجي ها. پر هي اصولَ جن يهودين جي عبادتگاهن جي ته حفاظت ڪئي هئي پر ڪليسا جي لاءِ نہ ته ڪنهن مهرباني جو اظهار ڪيو ويو هو ۽ نہ وري ان جي حفاظت جو يقين ڏياريل هو. حضرت عيسيٰ (ع - س) جو مذهب قبول ڪندي عيسائين ڇڻ هڪ غير فطري ۽ معاف نہ ٿيڻ جهڙي ڏوهه جو ڪم ڪيو هو. اُنهن ريتن، رسمن ۽ تعليم جهڙا پاڪ رشتا ختم ڪري ڇڏيا، پنهنجي ملڪ جي مذهبي سرشتن جي ڪليل پيڪڙي ڪئي ۽ وڏي گستاخيءَ مان هر ان شئي کان نفرت ڪئي جن کي سندن ابن ڏاڏن سچو، عزت وارو ۽ مقدس سمجهيو هو. نہ وري دين جو هي انڪار (جيڪڏهن اسان اهڙيءَ طرح اظهار ڪريون) رڳو محدود طريقي يا مقامي رنگ جو هو، ڇو ته دين کان انڪاري اُهو پاڪ ماڻهو جنهن مصر يا شام جي مندرن کان پاڻ کي پري ڪري ڇڏيو هو ته اُهو اٽينس يا ڪارٿيج جي مندرن ۾ پناهه وٺڻ کان به اوتري ئي نفرت ڪندو. هر عيسائي پنهنجي ڪٽنب پنهنجي شهر ۽ پنهنجي صوبي جي وهمن وسوسن کان سخت بچان ڪندو هو. عيسائين ٻڌي ڪري اهو فيصلو ڪيو ته هو سڀئي روم جي شهنشاهت ۽ پوري انسانذات جي ديوتائن سان ڪنهن به قسر جي ويجهڑائي يا روحاني رشتو نہ رکندا. مظلوم عقيدتمندن لاءِ ڇڻ اهو اجايو عمل هو ته پنهنجي شخصي راءِ موجب هلي ۽ پنهنجي ضمير جي اڻ مِٽ حقن مطابق فيصلو ڪري. توڙي جو سندس حالتون رحم جوڳيون هيون، سندس دليلن، نہ ته فيلسوفن کي ٻَڌڻ يا سمجهڻ لاءِ آماده ٿي ڪيو نہ وري لاديني مذهب وارن به اُنهن تي ڏيان ڏي ڏريو. سندس ان جرئت تي ويتر هو شڪن ۽ گمانن ۾ غرق ٿي ويا ٿي ۽ سندن حيرت جي به حد نڌي رهي ته هڪ ذاتي عبادت ڪندڙ پنهنجا نظريا يا عقيدا، عبادت جي مڃيل اصولن خلاف اختيار ڪري ۽ ٻين تي به مڙهي؛ اها البت هي ڳالهه هئي ته ڪين پنهنجي ملڪ جي رهڻي ڪهڻي، طور طريقين، پوشاڪ پهرڻ يا هوليءَ کان به اوچتي نفرت اچي وئي هجي.[8]

لا مذهب ماڻهن جي حيرت جلدئي سندن ناراضگيءَ ۾ بدلجي وئي ۽ تمام نيڪ ۽ پرهيزگار ماڻهن تي به بدنامي ۽ ذلت آميز تهمتون لڳايون ويون. ڪدورت ۽ تعصب ڳڙجي عيسائين کي دهرين جي هڪ سوسائٽي طور ظاهر

کيو. جن شهنشاهت جي مذهبي آئين تي سخت حملو کيو هو ۽ هاڻي ضرورت هن ڳالهه جي هئي ته شهري مٿجسٽريٽ اُنهن جي مذمت ڪري ۽ سندن خلاف سخت قانوني قدم کڻي. اُنهن پاڻکي وهمن وسوسن جي هر طريقي کان جدا ڪري ڇڏيو هو (اها ڳالهه مجيندي هو فخر محسوس ڪندا هئا) يعني دنيا جي ڪنهن به ڪُنڊ ۾ گهٽن خدائن جي مجيندڙن طرفان جڏهن به اُهي ڪٽي رائج ڪيندا هيا. ۽ اهو ايا تائين واضح ناهي ته هنن ڪهڙن ديوتائن کي پهريَن سان بدلايو هو يا عبادت جو ڪهڙو طريقو اُنهن قديم مندرن ۾ اختيار ڪيو هو. الله تعالىٰ جي ازلي عبدي وجود جو پاڪ صاف ۽ مٿاهون تصور، لادينيت جي گمراهين جي ور چڙهي ويو جيڪي ان جستجو ۾ هيا ته ان روحاني ۽ واحد خدا کي هو لهي سگهن جنهن کي نه ته ڪنهن جسماني روپ ۾ ڏسي سگهجي ٿو ۽ نه وري ڪنهن هي طريقي سان پسي سگهجي ٿو ۽ نه ان جي عبادت وڏي شان، خير خيراتن، جشن، قرباني۽ جي جڳهن يا خود قربانين ذريعي ڪري سگهجي ٿو.[9] يونان ۽ روم جا بزرگ ۽ درويش جن پنهنجن دماغن کي مٿاهين ڳالهين جيئن وجود، انجون صفتون يا وصفون ۽ "پهرئين سبَب يا ڪارڻ" جهڙن فلسفن ۾ اُلجهائي ڇڏيو هو. اُهي دليلن ذريعي يا اجائي ڦوندڙ موجب، هن اُلجهيل عقيدت کي سلجهائڻ جو حق فقط پنهنجي لاءِ يا پنهنجن پوئلڳن لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو هو.[10] اُهي انسانذات جي تعصبن کي سڄ جي معيار طور نه مجيندا هيا پر اُنهن کي هُو ڪو اهڙو جذبو سمجهندا هيا جيڪو انساني فطرت منجهان جاري ۽ ساري آهي ۽ اُنهن ڇاڻي ڇڏيو هو ته عقيدي جو ڪو به مڃيل طريقو جيڪو عقل ۽ فهم ۾ نه ايندڙ هجي ته اهو پلي ڪٽي وهمن جي ڇار مان نڪتو به هجي پر اُهو پوءِ به ان لائق هوندو ته تصوراتي گردش ۽ جنوني خيالن جي گرداب ۾ پٽڪندو ئي رهندو. جيڪي علم ۽ دانائيءَ وارا ماڻهو پنهنجي مهرباني۽ سان عيسائيت جي الهامي پيغام تي هڪ سرسري نظر وجهن تا ته کين پنهنجي ئي اُپهرائپ واري فيصلي جي تصديق ئي هوندي ۽ کين اهو مڃڻو پوندو ته خدائي وحدت واري اصول، جنهن جو هو احترام ڪندا هيا، نرَن تفرقي بازن جي جنوني جذبن جي ڪري ان جي شڪل بگڙي وئي ۽ فضول اندازن سبب وجود ئي مٽجي ويو. هڪ مشهور مڪالمي جو مصنف ليوسيَن، ٽِمورتي، (تثليث) جي پُراسرار موضوع تي لکندي ان تي طنز ۽ حقارت جو انداز اختيار ڪيو آهي، پر حقيقت ۾ هن انساني منطق ۽ دليلن جي ڪمزوريءَ بابت پنهنجي جهالت کي وائکو ڪري ڇڏيو آهي ۽ خدائي تڪميل جي نه سمجهه ۾ ايندڙ ڳُجهَه ۾ هن ذهن ڊوڙائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.[11]

اها ڳالهه گهٽ حيرت جوڳي لڳندي ته عيسائيت جي بانيءَ جو، هڪ بزرگ ۽ پيغمبر جي حيثيت ۾ سندس پوئلڳن طرفان نه رڳو احترام ڪرڻ گهرجي بلڪ کيس خدا سمجهي ان جي بندگي ڪرڻ گهرجي. گهٽن خدائن جي عبادت ڪرڻ وارا ان ڳالهه تي بلڪل آماده هيا ته پنهنجي مذهب جي هر تشريح کي هو اهڙيءَ ريت اختيار ڪن جو پري واري يا ڪجهه نامڪمل ئي سهي پر ڪجهه هوبهو جي ويجهڙي واري تشبيهه ئي هجي جيڪا جڳ مشهور نظريي سان پيچي اچي ۽ بٽڪس، هرڪيولس ۽ ايسڪيولئپيَس جي روايتن، ڪنهن حد تائين، سندن تصور ڪي، الله جي پُٽ جي انساني روپ ۾ ظاهر ٿيڻ لاءِ، تيار ڪري ڇڏيو هو.[12] پر کين حيرت ٿي ته عيسائي اُنهن قديم سورمن جي مندرن ڪي ڇڏي ڏنو هو، جن، دنيا جي شروعاتي زمانن ۾، فن ۽ هنر کي ايجاد ڪيو هو، قاعدا قانون ٺاهيا ۽ اهڙن آمرن، ظالمن ۽ وحشين کي شڪستون ڏنيون هيون جن ڏرتيءَ تي هاڃا ڪيا هيا ته پنهنجي مذهبي عبادت جي ڪنهن خاص مقصد

کي سامهون رکي هو پنهنجي لاءِ کو اهڙو اٽڪاتل استاد چونڊن، جنهن موجوده زماني جي بربرن ۾، پنهنجي ملڪ جي ماڻهن سان ڪدورت سبب يا وري روم جي حڪومت جي حسد باعث، ڪا قرباني ڪئي هئي. لامذهب ماڻهن جي انبوهَ، فقط دنيا جي فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي شڪر گذاريءَ جو اظهار ڪيو پر بقا وري زندگي جي اَملهه تحفي کي هنن رد ڪري ڇڏيو جيڪو نذرت جي عيسيٰ (ع - س) طرفان انسانذات کي آڇيو ويو هو. ظلمن ۽ خود اختيار ڪيل اذيتن جي وچ ۾ سندس لڳاتار نرم رويو، سندس آفاقي شفقتون ۽ مهربانيون ۽ پنهنجي عمل ۽ ڪردار ۾ عظمت واري سادگي وغيره گوشت جي نهيل دنيا جي پوڄارين لاءِ اهي سيئي عظمتون ناڪافي هيون جيڪي سندن شهرت، شهنشاهت ۽ ڪاميابين جي خواهشن جو پورائو ڪري سگهن؛ جڏهن ته هنن سندس انڌاري جي وحشت ۽ قبر جي اختيارن تي عظيم الشان فتح حاصل ڪرڻ جي دعوائن کي مڃڻ کان انڪار ڪيو هو ته اُنهن غلط ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ سندس شڪ واري جڙ تي سندس بيعزتي ڪرڻ لڳا ۽ سندس رلندڙ زندگي ۽ آخرڪار عيسائيت جي خدائي مصنف جي شرمناڪ موت تي بہ ڏنڀليون ڪرڻ لڳا.[13]

قومي مذهب کي پسند ۽ اُن کي اختيار ڪرڻ جي ذاتي محبت جي ملامت، جيڪا عيسائين پاڻ تي ڪئي هئي، ان ۾ ايڏا بہ ابتري اچي وئي هئي ڇاڪاڻ ته مجرمن پاڻ ۾ هڏي ڪري پنهنجي يونين ناهي ڇڏي هئي. اهو سڀني کي معلوم آهي جيئن اڳ ۾ بہ هڏايو ويو آهي ته روم وارن جي پاليسيءَ مطابق، هو پنهنجي رعيت جي ماڻهن جو ڪو بہ گڏيل ميڙ يا اُنهن جي ڪنهن بہ طريقي جي ائسوسئيشن کي شڪ ۽ حسد جي نظرن سان ڏٺو ويندو هو ۽ خانگي ڪارپوريشنن جا حق، توڙي جو اُهي ادارا فائدي وارن مقصدن لاءِ ناهيا ويا هيا، قناعت ۽ احتياط جي شرطن سان ڪين ڏنا ويا هيا.[14] عيسائين جون مذهبي اسيمبليون جن پاڻ کي ماڻهن جي عبادت کان جدا ڪري ڇڏيو هو، بيحد سادين ۽ معصوم تي لڳيون: اصولي طور تي اُهي غير قانوني هيون ۽ عين ممڪن هو ته اُنهن جا خطرناڪ نتيجا نڪرن ها؛ حد اِها هئي جو شهنشاهه بہ ان انديشي کان بيخبر هيا ته هنن انصاف جي تقاضائن کي خود ئي لتاڙيو تي، جو ته اُنهن سوسائٽي جي صلح ۽ امن قائم رکڻ خاطر ڳجهيون ۽ رات جون ميٽنگون ڪرڻ جي منع ڪري ڇڏي هئي.[15] عيسائين جي ماڻ ميٽ واري نافرماني، سندن رويّن ۽ پروگرامن کي ڪنهن حد تائين ڏوهي بنائي ڇڏيو هو: ۽ روم جا شهنشاهه، جن کي پاڻ بہ تڪليف ۽ ڪوفت جو منهن ڏسڻو پيو هو ته هاڻي هو ڪابہ مناسب ڳالهه تسليم ڪرڻ لاءِ فوري طور تيار هيا؛ اهو ڏسندي ته سندن حڪمن کي مجرائڻ ۽ اُنهن تي عمل ڪرائڻ جي سلسلي ۾ هاڻي سندن وقار جو سوال هو، ڪڏهن ڪڏهن، ماڻهن طرفان بي لغام آزادي جي رجحانن کي دٻائڻ لاءِ، سخت سزائون ڏيندا هئا، جو ته اهڙن ماڻهن پنهنجن اختيارن کي، مئجسٽريٽ کان بہ مٿاهون ڪري رکيو هو. هن روحاني سازش جي حد ۽ ان جو وقت روز بروز ان کي سندس ملامت ۽ تنبيهه جي قابل بنائيندو رهيو. اسان اڳ ۾ ئي ڏٺو آهي ته عيسائين جي زوردار جذبي ۽ سندس چُستيءَ کين نہ رڳو آهستي آهستي هر صوبي ۾ مشهور ڪري ڇڏيو هو پر شهنشاهت جي هر شهر ۾ سندن شُهرت جو ڏاڪو جمي ويو هو. مذهب ۾ جيڪي نوان ماڻهو داخل ٿيا هيا، اُهي پنهنجي خاندان ۽ ملڪ ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي نظر آيا، ۽ پاڻ کي هڪ اهڙي پڪي پختي يونين ۽ خاص سوسائٽيءَ ۾ ملائڻ جا خواهشمند هيا جنهن هر جڳهه تي پنهنجو نيارو ۽ علهده قسر جو روپ اختيار ڪري رکيو هو جيڪو پوري انسانذات کان مختلف ۽ منفرد

هيو. سندن غمگيني ۽ سادگي، ۽ روز مرهه جي معمول ۽ زندگي جي خوشين کان سندن نفرت ۽ ايندڙ مصيبتن لاءِ پيشنگويون،[16] لادينين جي اندر ۾ ايندڙ خطرن جا اندیشا آٿي ڇڏيا جيڪي نئين فرقي مان کين محسوس ٿي رهيا هئا، ۽ جيترا خدشا وڌندا ٿي ويا تہ اوترائي آڻ ڇنا ۽ پُراسرار بڻبا ٿي ويا. هن موقعي تي پلني چوي ٿو: "سندن روَش جو جيکو به اصول هجي، پر سندن غير تبديل ٿيندڙ هڻ ۽ ضِدُ سبب سخت سزا جي لائق هو."[17]

حضرت عيسيٰ (ع - س) جي حوارين مذهب جي خدمت ڪرڻ لاءِ جيڪي احتياطي تدبيرون اختيار ڪيون هيون، اُنهن کي پنهنجي مرضيءَ سان جاري رکيو ويو. اِليوسينين جي اسرارن جهڙن خطرناڪ رازن جي ڪاپي ڪندي عيسائين پنهنجي پاڻ کي خوش ڪرڻ لاءِ دعوائون ٿي ڪيون تہ اُهي پنهنجن ادارن کي لامذهب دنيا جي نگاهن ۾ تمام عزت وارو بڻائيندا.[18] پر ان موقعي، جيئن اڪثر ڪري مائيٽي ۽ بي ضرر پاليسيءَ جي سلسلي ۾ ٿيندو آهي، سندن اُميدن ۽ ارمانن سان دوکو ڪري ڇڏيو. ٿئي اهو ٿيو هو تہ اُهي اُهو ڪجهہ لڪائيندا جيڪو هو ظاهر ڪندي شايد شرم مان ڳاڙها ٿي وڃن ها. سندن غلط فهميءَ واري دوراندشيءَ، ڪدورتن کي پيانڪ افواهن کي ايجاد ڪرڻ جو موقعو ڏئي ڇڏيو جنهن تي وري سندن سادگيءَ بنادير ويساهہ بہ ڪري ڇڏيو. جنهن موجب عيسائين کي سڄي انسانذات ۾ سڀني کان وڌيڪ ڪِريل ۽ ذليل ظاهر ڪيو ويو هو. جيڪي پنهنجن انڌارن جي فرصتن ۾ هر اُهو ڪمينگيءَ وارو ڪر ڪندا هيا جيڪو هڪ بگڙيل ۽ واهيات تصور ۾ اچي سگهي ٿو ۽ جيڪي پنهنجي اٿاتل خدا جي شفقتن ۽ مهربانين حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجن سڀني اخلاقي قدرن جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هيا. ڪيترائي ٿي اهڙا ماڻهو موجود هيا جيڪي هن نفرت ۽ ڏِڪار لائق سوسائٽي جي اهڙن ڪمن يا ڪِريل طريقي جي جشنن بابت ڳالهيون مڃيندا هيا. اهو ڇيو ۽ مڃيو ويو تہ "نئين ڪير پياڪ ٻار" جيڪو سڄو جو سڄو انهي سان ڏِکيل هوندو هو، ڪي هڪ رازداريءَ جي علامت طور نئين فرقي جي ماڻهوءَ وٽ آندو ويندو هو جنهن جي هٿ ۾ چاقو هوندو هو جيڪو سندس غلطين جي معصوم ٻار جي جسر تي ڳجها ۽ موتمار ڇيرَ ڏيندو هو. ۽ جيئن اهو انتهائي دردناڪ عمل پورو ٿيندو هو تہ نئين فرقي وارا ان جو رت پيئندا هيا، ڏڪندڙ ۽ ڪنبندڙ پنهنجن ٿي ماڻهن کي وحشياڻي هيڄ ۽ ذلت وچان ڇيري ڦاڙي اڇلائي ڇڏيندا هيا ۽ پوءِ اهڙي ڪَڌي ۽ انتهائي گندي ڪر جي ملامت بہ پاڻ تي گڏجي ڪڍندا هيا ۽ ان کي هڪ دائمي راز ۾ رکڻ لاءِ هڪ ٻئي سان واعدا وڇن ڪندا هيا، بعد ۾ هڪ ڳجهي رازداريءَ ذريعي هن غير انساني قرباني ڪانپوءِ هڪ وِندر ورونهن يا جشن ملهائڻ ۾ مصروف ٿي ويندا هيا جنهن ۾ شراب خوري پنهنجون حدون اورنگهڻ کان پوءِ شهواني حدن کي پار ڪرڻ شروع ڪندي هئي ۽ جڏهن اُها انتها واري گهڙي اچي پهچندي هئي تہ بتين کي اوچتو وِسايو ويندو هو، شرم ۽ حيا کي اتان نيڪالي ڏئي باهر ڪڍيو ويندو هو، قدرت واري کي وساريو ويندو هو ۽ پوءِ رات جي انڌاري ۾ جيڪو به سامهون ٽڪرائجي وڃي پوءِ توڙي سندن ڏيئرون، يا سُڀاڻپ مائرون، پائر يا پٽ هجن، بغير ڪنهن ساڃاهہ پينرون جي هو پنهنجو مُنهن ڪارو ڪندا هئا ۽ پنهنجن ٿي رت جي رشتن سان زنا ڪاري جي شغلن ۾ مصروف ٿي رات جي سُرهاڻ کي بہ پليد ڪري ڇڏيندا هيا."[19]

پر قدير معافي نامن جو مطالعو، هڪ ڇٽي دشمن جي دماغ مان ڏري جيترن شڪن شبهن کي بہ دور ڪرڻ ۾ ڪافي هو. عيسائي، پنهنجي معصوميت جي بهادري واري تحفظ ۽ پنهنجي پرپور آواز سان مٿجسٽرين جي

انصاف کي ٻاڏائڻ ٿا. اُهي مجين ٿا ته جيڪڏهن سندن اُنهن ڏوهن جي ثابتي ڏني وجي جيڪي بهتانن ذريعي مٿن مڑهيا ويا هيا ته پوءِ اُهي سخت سزا جا مستحق هيا. اُهي پهريون سزا ڏين ٿا ۽ پوءِ ثابتيءَ لاءِ ڏمکيون ڏين ٿا ۽ انکي للکارين ٿا. ساڳي وقت اُهي سچائي ۽ معقوليت سان ان تي زور ڏين ٿا ته الزام تڏهن لڳو جڏهن کجهه ليو هوندو توڙي جو اُهو شاهديءَ کان صفا خالي هجي. اُهي اهو به پچن ٿا ته ڇا کو ان ۾ سنجيدگيءَ سان يقين کندو هوندو ته انجيل جا نِج ۽ پاڪ اصول، جيڪي گهٽو ڪري قانوني ۽ جائز مڃن ۽ لذتن ماڻڻ تي به کجهه پابنديون وجهن ٿا ته اُنهن ۾ سخت نفرت ۽ مذمت لائق ڏوهن جي اجازت ڪيئن مليل هوندي: ۽ ڇا ماڻهن جي هڪ وڏي سوسائٽي پنهنجن ئي ميمبرن ۽ سائين جي نظرن ۾ پاڻ کي ئي هيٺ ڪيرائڻ ۽ بيعزت ڪرڻ جو عزم ڪندي: ۽ ماڻهن جو تمام وڏو تعداد جنهن ۾ ٻئي مرد ۽ عورتون ۽ هر عمر ۽ ڪردار جا ماڻهو شامل هجن ۽ جيڪي بدنامي يا موت جي خوف کان به نه ڏڃندا هجن پر اهڙا مٽاهان ماڻهو اُنهن اصولن جي پڇڙي ڪرڻ لاءِ پنهنجي رضامندي ڏيڪارن جيڪي فطرت ۽ تعليم تربيت سندن دماغن ۾ چٽائيءَ سان نقش ڪري ڇڏيا آهن.[20] اهو ظاهر آهي ته کابه شئي اهڙي طاقت کي ڪمزور نٽي ڪري سگهي يا مضبوط جواز کي ختم نٽي ڪري سگهي جيستائين خود دفاع ڪرڻ وارن جو پنهنجو ناجائز ڪردار ان جو ذميوار نه هجي جن پنهنجي مذهب جي عظيم مقصد سان به دوکو ڪيو هو ته جيئن پنهنجي ڪليسا جي دشمنن خلاف پنهنجي مذهبي نفرت کي خوش ڪري سگهن. ڪڏهن ان ڳالهه جو هلڪو اشارو ڏنو ويو هو ته ڪڏهن وري ساڳي ڳالهه جرئتمنديءَ سان چئي وئي هئي ته ساڳيون ذلت واريون قربانيون ۽ ساڳيا رت جي رشتن سان زنا ڪاري جا جشن، جيڪي ڪوڙ ۽ بهتانن ذريعي پڪن پرهيزگارن ڏانهن منسوب ڪيا ويا هيا، حقيقت ۾ اُنهن کي مارسينائيٽس، ڪارپوڪريٽيئس ۽ دليل بازن جي ٻين ڪيترن ئي فرقن مٿن لڳايا هيا، جيڪي، جيتوڻيڪ لادينيت ڏانهن رغبت سبب پٽڪي ويا هيا، پوءِ به منجهن ڪجهه انساني جذبو موجود هو ۽ ايا به اُهي عيسائيت جي اصولن مطابق هلندا هيا.[21] ساڳئي قسر جا الزامَ شرمٽڪس طرفان ڪليسا تي به هنيا ويا، جيڪي ايڪي ۽ اتحاد کان هٽي ويا هيا[22] ۽ اهو هر طرف کان مجيو ويو هو ته گهٽي ۾ گهٽيون شهواني عياشيون ماڻهن جي اهڙي گهٽي تعداد ۾ هيون جن عيسائين جي نالي کي استعمال ڪيو هو. هڪ لادين مئجسٽريٽ جنهن وٽ نه ته فرصت هئي ۽ نه وٽس ايتري قابليت هئي ته اهڙي باريڪ نقطي کي سمجهي سگهي. جيڪو، هڪ پڪي پختي عقيدي کي تفرقي بازي واري ذلت کان جدا ڪري ٿو. ته ان شايد ان مان اندازو لڳايو هجي ته ٻنهي طبقن جي دشمنيءَ سبب، سندن ساڳين ڏوهن تان پردو هٽي ويو هجي ۽ اُهي سيني اڳيان وائڪا ٿي ويا هجن. اهو عيسائين جي آرام يا گهٽ ۾ گهٽ سندن شهرت لاءِ بهتر هو ته مئجسٽريٽ ڪڏهن ڪڏهن بهتر طبيعت ۽ اعتدال پسندي واري رويي سان ساڻن پيش ايندا هئا، ورنه مذهبي جوشيلن سان سندن پيش اچڻ جو طريقو مختلف هو ۽ اُنهن وڏي جاچ جوچ ۽ پوري تحقيقات ڪانپوءِ جيڪا پنهنجي طرفان رپورٽ پيش ڪئي ته ان مطابق اُهي تفرقي بازَ، جن مجيل مذهبن جي عبادت کي چڏي ڏنو هو. سي ئي سندن نظرن ۾ پنهنجي طريقي يا پيشي سان سچا هيا ۽ پنهنجن طور طريقن ۾ به هر الزام کان آجا هيا، بهرحال اُهي پوءِ به پنهنجن اجاين ۽ بيهودن وهمن وسوسن سان لاڳاپيل رهڻ سبب، قانون موجب مذمت ڪرڻ لائق ضرور هئا.[23]

تاريخ، جيڪا پاڻ تي ماضيءَ جي داستان کي محفوظ ڪرڻ جو ذمو کڻي ٿي ته جيئن ايندڙ وقت جي لاءِ

ماڻهو ان مان سبق پرائن ۽ هدايتون حاصل ڪن، جيڪڏهن اُها به آمرن ۽ ظالمن جي ڪرتوتن جو سات ڏئي يا ظلم ۽ زيادتين جي واقعن ۽ مثالن کي صحيح سمجهي ته پوءِ اُها عزت ۽ احترام وارو مرتبو هرگز نه ماڻي سگهندي، ان ڳالهه کي، بهرحال لازمي طور تي مڃيو ويندو ته شهنشاهن جو ڪردار جيڪو اوائلي ڪليسا کي سٹو نه لڳندو هو پر اُهو ڪنهن به طرح سان ايترو مجرماڻو ناهي جيترو موجوده حڪمرانن جو آهي جيڪي پنهنجي رعيت جي ڪنهن به حصي ۾ سندن مذهبي عقيدن خلاف تشدد ۽ خوف جي هٿيارن جي زبان ڳالهائن ٿا. سندن خيالن موجب يا اُنهن جي احساسن هڪ چارلس V يا لوئس XIV ۾ سندن اندر ۾ جاڳي پيا هيا جن ضمير جي حقن، عقيدي جي فرضن ۽ غلطين جي معصوميت جي باري ۾ ڪين ضروري آگاهي ڏني هئي. پر قديمي روم جا مئجسٽريٽ يا شهزادا اهڙن نفيس اصولن لاءِ جڏ ڏاريا هيا جن حقي سچ جي سوچ لاءِ عيسائين جي غير لچڪيدار ضد کي به اثرائتو ۽ بااختيار بنايو هو. نه وري هو ڪڏهن پنهنجن سينن ۾ جهاتي پائي اُهو مقصد ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا هيا جيڪو ڪين آماده ڪري ها ته هو پنهنجي ملڪ جي مقدس ادارن جي قانوني جُهڪاءَ جي سلسلي ۾ صاف انڪار ڪن جيڪو عين فطري به هيو. ساڳيو سبب جيڪو الزام جي شدت کي ڪجهه گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ڏي ڪري، ته اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اهو سندن اذيتن ۽ عذابن کي گهٽائڻ ۾ به پَڪَ سان مددگار ثابت ٿيو هوندو. جيئن ته اُهي ڪٽر مذهبي ماڻهن ۽ خطرناڪ جوشيلن ڏانهن نه پر قانوندانن جي مائيٽي ۽ معتدل پاليسي طرف راغب هيا ته اهڙي بهتر صورتحال ۾ نفرت جا منحوس پاچا لِڪي ويا هوندا ۽ انسانيت جي جذبن يقيني طور تي اُنهن قانونن تي عمل ڪرائڻ ختر ڪرائي ڇڏيو هوندو جيڪي اڳ اُنهن فقط حضرت عيسيٰ (ع - س) جي حوارين ۽ پوئلڳن خلاف ناهيا هيا. اُنهن جي ڪردار ۽ مقصدن جي هڪ سرسري جائزي وڌ ڪانپوءِ اسان هن نتيجي تي پهتا آهيون: (1) ته تمام گهٽو وقت گذري ويو هو جنهن ڪان پوءِ ڪين خيال آيو ته نئين فرقي وارا حڪومت جي ڏيان ڏرڻ لائق ضرور هيا (II)؛ ته رعيت جي ڪنهن به ماڻهوءَ کي سزا ڏيڻ ۾، جيڪي ڪنهن هڪڙي ڏوهه جا ملزم هيا ته اُنهن خلاف هو احتياط سان ۽ مجبوري ۾ قانوني طور اڳتي وڌيا (III)؛ ته اُهي سزائن ڏيڻ ۾ ڪافي اعتدال پسند هيا (IV)؛ ته تڪليفن ۾ آيل ڪليسا جي امن ۽ سڪون حاصل ڪرڻ ۾ وچ تي ڪافي وقفا آيا. باوجويڪ لاپرواهي ۽ لاغرضيءَ جي، جيڪو ڪجهه گهٽن ۽ باريڪ بين لا مذهب ليڪڪن، عيسائين جي حالتن بابت ٻڌايو آهي،[24] اهو پوءِ به اسانجي اختيار ۾ آهي ته جيڪي به اندازا يا رايا اُنهن ليڪڪن لڳايا آهن ته اسان هتي ڪوشش ڪنداسين ته هر هڪ ڳالهه جو چگيءَ طرح سان ۽ شاهدين ۽ مستند حقيقتن جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺون.

1. ربّ العزت جي دانشمنديءَ سان، ڪليسا جي ٻالڪپڻ تي هڪ پراسرار پردو وڌو ويو هو، جيڪو جيستائين عيسائين جو مذهب پختو ٿيو ۽ سندن تعداد به وڌيو، جنهن ڪين نه رڳو ڪدورتن ڪان محفوظ رکيو پر لامذهب دنيا جي ڇاڻ ڪان به هو پري رهيا. حضرت موسيٰ (ع - س) جي مذهب جي ريتن رسمن جي ڏرائيءَ ۽ آهستگيءَ سان ختر ٿيڻ سبب، حضرت عيسيٰ (ع - س) جي عقيدي اختيار ڪندڙ پهريٽن عيسائين کي پاڻ کي معصوميت سان لڪائڻ ۽ گوشه نشيني اختيار ڪرڻ جو موقعو ملي ويو. جيئن ته اُهي گهٽو عرصو حضرت ابراهيم (ع - س) جي قوم سان تعلق رکندڙ هيا، ته اُنهن جي انفرادي نشاني اها هئي ته سندن طوهر ٿيل هو. ۽ اُهي پنهنجي عقيدت جو نذرانو جيروسلر جي مندر ۾ تيستائين پيش ڪندا رهيا جيستائين اهو مندر تباهه ٿيو ۽ وٽن پيغمبر توڙي

قانون بہ ايندا رهيا جيڪي الله پاڪ طرفان اُنهن لاءِ روح پرور ۽ اتساهيندڙ هيا. غير يهودي جيڪي نئين مذهب ۾ داخل ٿي رهيا هيا، روحاني طرح اُهي اسرائيل جي اُميد ۾ لڳل هيا ۽ اُهي شڪل شبيهه ۽ طريقن ۾ يهودين وانگر لڳي رهيا هيا[25] تنهنڪري کين سڃاڻڻ مشڪل ٿي لڳو: ۽ جيئن تہ گهڻن خدائن جا ۽ جيندڙ ظاهري عبادت جي مقابلي ۾ عقيدي جي فقرن يا شِڪن تي وڌيڪ ڌيان ڏئي رهيا هيا تہ نئون فرقو جنهن پاڻ کي احتياط سان لڪايو هو يا ايترو نمايان نہ ڪيو هو ۽ ساڳي وقت چپ چاپ ۾ پنهنجي مستقبل جي عظمت ۽ مقصدن بابت اعلان بہ ڪيو هو. برداشت جي جذبي هيٺ سندن حفاظت ڪئي وئي جيڪا اڳ قديمي ۽ نمايان ماڻهن کي روم جي شهنشاهت ۾ ڏني وئي هئي. ان ڀَالهه کي گهڻو عرصو نہ گذريو هو جڏهن يهودين خود، جيڪي خطرناڪ جذبن سان سرشار ۽ نئين عقيدي سان روحاني طرح لاڳاپيل هيا، پنهنجن نظرياتي پائرن کان عبادت جي حوالي سان پاڻ کي جدا محسوس ڪيو ۽ هو خطرناڪ تفرقي بازي جي آڙاهه کي مذهب جي پوجيندڙن جي رت مان خوشيءَ سان اُجهائي ڇڏين ها. پر بهشت جي اُميدن سندن ڪدورتن کي اڃي ٿي ڏرو ڪري ڇڏيو هو ۽ توڙي جو ڪڏهن هو بغاوت جي حق لاءِ زور لڳائڻ جو سوچيندا هيا، پر وٽن ڏوهن جي انصاف کي قائم رکڻ جو انتظام ڪو نہ هو ۽ نہ وري هنن لاءِ اهو ايترو آسان هو تہ روم جي مئجسٽريٽ جي سيني کي چيري پنهنجي جوش ۽ تعصب جو جذبو ان ۾ پري ڇڏين. صوباڻي گورنرن پنهنجي لاءِ اعلان ڪرايو تہ هو ڪنهن بہ الزام کي غور سان ٻڌندا ۽ خاص طرح اُهو جيڪو ماڻهن جي حفاظت جي سلسلي ۾ هجي، پر جنهن گهڙيءَ کين ٻڌايو ويو تہ اهو سوال حقيقن تي نہ پر لفظن تي مبني هو، تہ هڪ جهڳڙو، يهودين جي قانونن جي تشريح ۽ پيشنگوين بابت شروع ٿي ويو تہ اُنهن ان کي روم جي شان مطابق نہ سمجهيو تہ نندڙن نندڙن اختلافن تي بحث ڪيو وڃي جيڪي جهنگلين ۽ وهمن وسوسن جهڙن جاهلن ۾ ٿي چڙي ٿي سگهيا. پهريَن عيسائين جي معصوميت کي جهالت ۽ نفرت کان بچايو ويو ۽ لامذهب مئجسٽريٽ جي انصاف گهٽو ڪري يهودين جي عبادتگاهه جي ناراضگيءَ خلاف حفاظت جو يقين ڏياريو هو.[26] حقيقت ۾ جيڪڏهن اسان سادگيءَ واري قديم دنيا جي رسمن رواجن کي اختيار ڪريون تہ پرانهن پنڌن جي سفر، لاجواب ڪاميابينءَ ۽ هارهَن حوارين جي موتن کي بہ جيڪر اسان اچرج مان بيان ڪريون؛ پر هڪ ٻي درست تحقيق اسانکي هڪ شڪ ڪرڻ تي آماده ڪندي تہ هيترن سارن ماڻهن منجهان ڪيترا اهڙا ماڻهو هيا جن حضرت عيسيٰ (ع - س) جي معجزن جون پاڻ مشاهدو ڪيو هجي، انهن کي فلسطين جي حدن کان اڳتي وڃڻ جي اجازت ملي هجي تہ انهن کي شاهديءَ جي سچائيءَ کي پنهنجي رت سان بند ڪرڻو پيو هوندو.[27] انسان جي زندگي جي عام اصطلاح موجب فطري طرح فرض ڪيو ويو هوندو تہ يهودين جي ذهني انتشار جي ڪاٽڻ ۽ جنگ جي شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ڪيترائي ماڻهو مري چڪا هيا ۽ اُها جنگ نيٺ جيروسلم جي تباهه ٿيڻ سان وڃي ختم ٿي. ان ڊگهي عرصي ۾ يعني حضرت عيسيٰ (ع - س) جي وفات کان وڏي بغاوت تائين، اسان کي روم وارن ۾ مذهبي ڪٽرپڻي جا آثار ڪٿي بہ نٿا ملن سواءِ ان جي جو اُهي ڪٿي اوچتا، عارضي يا ڪنهن کي ڇاٽي واٽي ايذائڻ جي سلسلي ۾ هجن جيئن نيرو روم جي گاديءَ جي هنڌ ۾ عيسائين خلاف استعمال ڪيا هيا جن جو عرصو مشهور وڏن واقعن ۾، پهرين واقعي کان پنجاهه سال پوءِ ۽ پوئين کان فقط بہ سال اڳ ٿيو هو. ان فيلسوف تاريخدان * جو ڪردار جنهن جا اسين بيحد احسانمند آهيون جو هن جيڪا اسانکي فقط هڪ اهم دستاويز بابت ڄاڻ ڏني آهي اُها ئي فقط اسان کي ڳوڙهي غور ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ لاءِ ڪافي ٿيندي.

نيرو جي حڪومت جي ڏهين سال ۾، شهنشاهت جي گاديءَ جو هنڌ هڪ وڏي باهه جي آفت ۾ مبتلا ٿي ويو هو جيڪا ايڏي ته وڏي هئي جو اڳيئن زمانن ۾ به ان جو مثال ڪو نه هو ۽ نه وري ڪنهن کي اهڙي ڪا يادگيري هئي.[28] ان باهه جي تباهي ايتري ته وڏي هئي جو ان ۾ گريشين فنپارن جا منارا ۽ روم جي تاريخي ڪردار جا يادگار، پيونڪ ۽ گال جي جنگين جون ٽرافيون، مقدس مندر، عظيم الشان محلات سڀ رکَ ٿي ويا، چوڏهن طبقن يا حصن منجهان جن ۾ روم کي ورهايو ويو هو، فقط چار پوري جا پورا سلامت بچيا، ٽي طبقا ڏهي زمين سان هڪ ٿي ويا هيا، جن جو ڪو به نالو نشان نه رهيو هو ۽ باقي بچيل ست حصا، جيڪي باهه جي شعلن سبب دونهائجي ويا هيا، اُهي پڻ تباهي، بربادي ۽ ويراني ۽ جي جيئري جاڳندي تصوير بنجي چڪا هيا. حڪومت جي چُستي ۽ ڏيانُ جي نظر، فوري احتياط ۽ تدبيرون اختيار ڪري اهڙا اُپاءَ جلد ۾ جلد ورتا ته جيئن هيڏي وڏي مصيبت جي تڪليفن کي جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي ته گهٽائي سگهجي. شاهي باغن ۽ چبرائن کي بيشمار مصيبت زدهه ماڻهن لاءِ کوليو ويو، سندن رهائش لاءِ عارضي جايون جڳهيون جوڙايون ويون، ۽ سندن کاڌي خوراڪ لاءِ اُنُ ۽ بي سيڏي سامان کي ماڻهن ۾ تمام گهٽ اگهن تي ورهايو ويو.[29] حڪومت جي فرمانن ۽ حڪمن تي وڏي فراخدليءَ سان فيصلا ڪيا ويا جن ۾ گهٽين ۽ رستن کي ٺيڪ ڪرڻ ۽ ذاتي گهر تعمير ڪرڻ شامل هيا، ۽ جيئن گهٽو ڪري خوشحاليءَ جي زماني ۾ ٿيندو آهي، روم جي باهه، ايندڙ ٿورڙن سالن جي اندر، هڪ نئين شهر جو بنياد وجهي چڏيو، جيڪو وڌيڪ قاعدي ۽ ترتيب سان ٺهيل هو ۽ پهرئين کان گهٽو خوبصورت ٿي لڳو. پر هن موقعي تي سڄي دانائي ۽ انسانيت جيڪا نيرو طرفان ظاهر ڪئي وئي هئي، اُها ڪيس هڪ شڪ واري ڳالهه کان بچائڻ لاءِ ناڪافي هئي. هر ڏوهه جو الزام سندس زال ۽ ماءُ جي قاتل تي شايد هنيو ويندو، پر هڪ شهنشاهه جنهن پنهنجي ذات ۽ رتبي جو انتهائي ذلت وارو فائدو ورتو هجي ته اُهو ايجا به وڏي ۽ عظيم غلطي ڪرڻ جو به ڏوهاري ٿي سگهي ٿو. جيڪا ڳالهه عام ماڻهن ۾ مشهور ٿي ته ان مطابق مٽس اهو الزام هنيو ويو ته هن پاڻ ئي پنهنجي گاديءَ جي هنڌ کي باهه ڏياري هئي ۽ نه اعتبار ۾ ايندڙ ڳالهيون ماڻهن جي ان وقت جي ڪاوڙ سان مطابقت رکندڙ هيون.* ۽ اها ڳالهه پوءِ حيرانيءَ مان علم ۾ آئي ۽ جنهن تي يقيني سان اعتبار به ڪيو ويو ته نيرو ايڏي وڏي آفت جي وقت تي پي پُرسڪون ۽ سرَهو ٿي نظر آيو چو ته ان جو آٽيندڙ به پاڻ ئي هو، ۽ قدير ٽراءِ جي تباهيءَ تي[30] ٻين جي مَڏر سَرَ تي پاڻ ڳائي ۽ پاڻ کي وندرائي رهيو هو. شڪ ۽ گمان واري فضا کي دور ڪرڻ لاءِ جنهن کي دٻائڻ هاڻي آمريت جي وَس کان ٻاهر هو، شهنشاهه فيصلو ڪيو ته هو پنهنجي جڳهه تي يا تخت تي ڪجهه مصنوعي ڏوهاري ويهاري چڏي. "هن ارادي سان (ٽئسيٽَس ٻڌائي ٿو) هن اُنهن ماڻهن تي وڏا ظلم ڪيا ۽ کين طرح طرح جا عذاب ڏنا، جيڪي عيسائي جي هڪ بيهودي لقب هيٺ، اڳيئي ان بدنام الزام هيٺ آندا ويا هيا. انهن پنهنجو نالو ۽ اصليت حضرت عيسيٰ (ع - س) سان ڄاڻائي هئي، جن کي ٽائبيريس جي حڪومت ۾، پونٽيَس پائليٽ[31] جي قلم سان موت جي سزا ڏني وئي هئي. ڪجهه وقت لاءِ هن فضول وسوسي جي رسر کي روڪيو ويو پر وري اُها شروع ٿي وئي ۽ نه رڳو جُوڊيا کان به پري ٽائين پکڙجي وئي، جيڪو هن شديد فرقي جو پهريون گهر هو، پر اُها روم ٽائين پڻ ڦهلجي وئي جيڪو سيني لاءِ پناهه گهر هو ۽ جيڪو هر ناپاڪ ۽ ظلم واري شئي کي وٺي به ٿو ته ان جي حفاظت به ڪري ٿو. جيڪي ماڻهو گرفتار ڪيا ويا، اُنهن اعتراف ڪيو ۽ ڏوهه ۾ شامل پنهنجن ڪيترن ئي ساڻين جو ذڪر ڪيو ۽ اُنهن سيني کي سزائون ڏنيون ويون پر فقط انڪري نه ته هنن شهر کي باهه ڏني هئي پر گهڻو ڪري ان جو سبب اهو هو ته هو انسانذات کان نفرت ڪندا هيا،[32] اُهي عذابن اندر ئي مري ويا ۽ اُنهن عذابن سان گڏ مٽن ٽُولين، طنزون ۽ سندن بيعزتيون به شامل هيون. ڪن کي ٻڪٽڪي تي چاڙهي منجهن ڪوڪا ۽ ڪليون ٽوڪيون ويون، ٻين کي جانورن جي ڪُلَ ۾ ويڙهي مٽان کين سِبيو ويو ۽ اُهي ڪتن جي پَٽڻ کائڻ لاءِ اُڇلايون ويون، ايا وري ٻين کي ٻرندڙ مادي جا داغ لڳائي اڇلايو ويو ۽ کين تارچُن طور استعمال ڪيو ويو ته جيئن اونداهيءَ ۾ روشني

ڪن. نيرو جا باغات، ان ڪڏهن ڪ گهوڙيءَ جي اڇڻ جي انتظار ۾ هيا جنهن ۾ گهوڙن جي ڊوڙ جو مقابلو ڪرايو ويو ۽ جنهن ۾ شهنشاهه خود موجود هو جيڪو عام ماڻهن سان ملي رهيو هو ۽ ڪيس گاڏي هلائڻ وارا ڪپڙا پاتل هيا. عيسائين جو قصور ايترو ته وڏو هو جو ڪين مثالي سزا ملڻ گهرجي ها پر ماڻهن جي گهٽي ڏڪار ۽ نفرت هاڻي همدردي ۾ تبديل ٿي وئي ۽ هڪ راءِ جو اظهار ڪيو ويو ته اهي بدنصيب ماڻهو عام ماڻهن جي پلائيءَ لاءِ قربان نه ڪيا ويا هيا پر هن ظالم آمر جي زيادتيءَ سبب ماريا ويا هيا.[33] اُهي جيڪي شين يا واقعن جو غور سان جائزو وٺن ٿا ته انساني انقلابَ شايد ان ڳالهه جو مشاهدو ڪن ته نيرو جا باغ ۽ سَرڪس جيڪي وٽيڪن ۾ هيا اُنهن کي پهرين عيسائين جي رت سان داغدار ۽ پليد ڪيو ويو هو ۽ اُهي هاڻي اذيتن ۾ آيل مذهب جي تڪليفن ۽ آخر ان جي فتح سبب وڌيڪ مشهور ٿي ويا آهن. ان ساڳي هنڌ تي،[34] هڪ مندر، جيڪو ڪيپٽول واري قديميءَ کان به پنهنجي شان شوڪت ۾ گوءِ ڪٽي ويو آهي، عيسائي پادرين طرفان ناهيو ويو آهي، جيڪي، پنهنجي آفاقي حڪومت جي تاريخ ڪٿيلي جي مسڪين مُهاڻن سان تا وڃي ملائن، سيزرس جي تخت ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن، روم جي بربر فاتحن کي قانون ڏنا اٽن ۽ پنهنجو روحاني توڙي ظاهري انتظام بالڪ جي ڪنارن کان وٺي بحرالڪاهل تائين سنڀالي ڇڏيو اٽن.

پر اهو مناسب نه ٿيندو ته نيرو جي ظلر جي داستانن کي فورن بند ڪري ڇڏجي جيستائين اسان کي اهڙا مشاهدا نه بيان ڪريون جيڪي اُنهن تڪليفن ۽ مونجهارن کي دور ڪري ڇڏين جيڪي وچ ۾ حائل ٿين ٿيون ۽ ساڳي وقت اسان هتي ڪليسا جي پوءِ واري تاريخ تي به هڪ سرسري نظر وجهنداسين.

1. ڪيتري به طنزيه تنقيد پلي ٿئي پر اُها به هن اهر حقيقت کي ضرور مجيندي ۽ ان سچائيءَ جو احترام ڪندي جيڪو ٽئسيٽَس پنهنجي هن شاهڪار ٽڪري ۾ لکيو آهي ۽ جنهن جي ساکَ کي هر ڪو مجيندو آهي. پهرين حقيقت جي، تمام محنتي صحيح ۽ حقيقتون ٻڌائيندڙ سوٽونيَس پڻ تصديق ڪئي آهي جنهن ان سزا بابت به ٻڌايو آهي جيڪا نيرو عيسائين کي ڏني هئي جيڪو ماڻهن جو هڪ اهڙو طبقو هو جن هڪ نئين ۽ ڏوهن ۾ ملوث وهمن وسوسن واري فرقي جو عقيدو اختيار ڪيو هو.[35] پوئين کي تمام قديمي تحريرن جي ذريعي ثابت ڪري سگهجي ٿو جنهن لاءِ فقط هڪ ٽئسيٽَس ئي سُجهي ٿو جيڪو ڪنهن جي به ڪاپي نٽو ڪري ۽ وڏي شهرت رکندڙ آهي ۽ ان ئي اهڙين تحريرن جي متن کي، ڏاڙهي مواد کي وچَ ۾ ٽنبڻ واري ماڻ ميڙ واري دوکي کان بچائي ورتو هو ۽ پنهنجي بيان ذريعي جنهن ۾ هن پهريَن عيسائين کي ظالماڻن ڏوهن جو الزام ڏنو هو جنهن ۾ اهو اشارو به نه ڏنل هو ته وٽن کا معجزاتي يا جادوگريءَ جي طاقت هئي جيڪا باقي انسانذات کان مٿاهين هئي.[36]

II . ان جي باوجود، اهو ممڪن آهي ته شايد ٽئسيٽَس روم جي باهه واري واقعي کان ڪجهه سال اڳ ڇائو هو،[37] انڪري شايد ڪجهه پڙهڻ سان ته ڪجهه ماڻهن جي واتان ان واقعي جي ڪيس خبر پئي جيڪو ان وقت ٿيو جڏهن هو ايجا ننڍڙو ٻار هو. عام ماڻهن ۾ ملڻ جلڻ کان اڳ هو چپ چاپ ۽ انتظار ۾ رهيو جيستائين سندس ذهانت ڪمال کي پهتي ۽ هو چاليهن سالن کان ڪجهه مٿي عمر جو هو جڏهن نيڪ ۽ پارسا ائگريڪول جي احسانمنديءَ واري ياد ڪانئس تاريخ نويسيءَ جي سلسلي ۾ پهريَن ڪارنامن مان هڪڙو سرانجام ڏياريو جنهن کي پڙهي ايندڙ نسل خوش به ٿيندو ته ڪين پنهنجي زندگي گذارڻ جي سلسلي ۾ سئيون هدايتون به ان منجهان ملنديون. ائگريڪولا جي زندگيءَ ۾

تاريخ نويسيءَ ۽ جرمني جي باري ۾ سندس بيان جي حسن جي ڏهانت ڏيکاريڻ کانپوءِ، هن پهريون سوچيو ۽ نيٺ هڪ ڏکئي ڪر کي پنهنجي هٿ ۾ کنيو ۽ اُهو هيو: "روم جي تاريخ" جيڪا هن نيرو جي تخت تان لهڻ کانوٽي نروا جي اقتدار حاصل ڪرڻ تائين ٽيهن جُلدن ۾ لکي. نروا پنهنجي حڪومتي نظام ۾ انصاف ۽ خوشحاليءَ جي هڪ دوُر جي شروعات ڪئي جنهن کي ٽسيٽَس پنهنجي پيريءَ جي شفل طور پنهنجو نصيب سمجهيو هو،[38] پر، جڏهن هن پنهنجي موضوع کي وڌيڪ ويجهو ٿي ڏٺو، تہ هن شايد اهو اندازو لڳايو تہ يا تہ اهو وڌيڪ عزت وارو يا هي کي گهٽ ايذائيندڙ ڪر هو تہ گذريل آمرن جي بيڙاين ۽ بدڪارين کي تاريخ ۾ محفوظ ڪجي. هن اهو بہ سوچيو تہ ان کان بهتر اهو هو تہ موجوده حڪمران جي نيڪين کي ملهائجي ۽ ان تي ڪجهہ لکجي. تنهنڪري هن ان کي بهتر سمجهيو تہ، تاريخوار واقعن جي عنوان هيٺ هُو فقط چئن شهنشاهن جي ڪردارن ۽ عملن متعلق لکندو جن آگسٽَس کانپوءِ فورن ۽ لڳاتار حڪومت ڪئي هئي. مواد کي جمع ڪرڻ، ان کي ترتيب ڏيڻ ۽ اسي سالن جي عرصي کي هڪ سلسلي ۾ سينگارڻ هڪ لافاني ڪر هو جنهن جو هڪ هڪ جملو سندس ڳوڙهن مشاهدن سان سجايل آهي ۽ جنهن ۾ هن ڇڻ جاڳندين ڦرندين تصويرون ڏاهيون آهن ۽ هي هڪ اهڙو تہ تعريف جوگو ڪر هو جنهن کي ٽسيٽَس جهڙو ذهين ۽ اوڙڇ ماڻهو ئي پنهنجي زندگي جي گهٽي حصي تائين کندو رهيو. ٽراجن جي حڪومت جي آخري ڏينهن ۾، جڏهن تہ فاتح شهنشاهہ روم جي حدن کي سندن قديمي حدن کان گهٽو اڳتي وڌائي ڇڏيو هو، تہ ان وقت هي تاريخدان پنهنجي تاريخوار واقعن جي ٻئي ۽ چوٿين ڪتاب ۾ تائبيريس[39] جي ظلمن بابت واقعا لکي رهيو هو: ۽ شهنشاهہ هئڊرئن، جڏهن جانشين ٽيو هوندو تہ ان کان اڳ ٽسيٽَس، پنهنجي ڪر جي لڳاتار مصروفيت کي جاري رکندي، شايد گاديءَ جي هنڌ جي باهہ ۽ بدنصيب عيسائين خلاف نيرو جي ظلمن بابت قصو ضرور بيان ڪيو هوندو. سڀ سالن جي وڏي عرصي ۾، تاريخدانن جو اهو فرض هو تہ پنهنجن همعصرن جي بيان جو طريقو اختيار ڪن، پر فيلسوف لاءِ اهو فطري هو تہ هو پنهنجي بيان جو نِج ۽ نئون انداز اختيار ڪري، ۽ نئين فرقي جي واڌاري ۽ انجي ڪردار بابت، نيرو جي زماني جي تعصبن ۽ چاڙ موجب نہ پر هئڊرئن جي وَقت جي طور طريقن مطابق اسانکي ٻڌائي.

3. ٽسيٽَس گهٽي ياڳي ۽ گهٽو ڪري پنهنجي پڙهندڙن جي هورا کورا ۽ جستجو تي غور تو ڪري ۽ اهڙين وِچين ۽ ٽانوي حالتن ۽ خيالن جو ذڪر، جن کي هن پوريءَ طرح کولي بيان ڪرڻ مناسب نہ سمجهيو، تمام مختصر نموني سان اسانکي تو ٻڌائي. تنهنڪري اسان کنهن اهڙي سبب بابت تصور ڪري سگهون ٿا تہ ضرور ڪو هوندو جنهن روم جي عيسائين جي خلاف نيرو کي مٿن ظلم ۽ زيادتين ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو جن ويچارن جي سادگي، اَڻڄاڻائي ۽ معصوميت تہ ويتر سندس ڪاوڙ ۽ ناراضگيءَ کان کين جيڪر محفوظ رکي ها، پر ان طرف هو پنهنجو ڌيان ئي نہ ڏري ها. يهودي جيڪي گاديءَ جي هنڌ ۾ تمام گهٽي تعداد ۾ هيا ۽ پنهنجي ملڪ ۾ مظلوم هيا تہ اُهي ئي شهنشاهہ ۽ ماڻهن طرفان مٿن شڪ ڪرڻ لاءِ موزون ۽ مناسب هيا ۽ اها ڪا اڻ ٻُڌي ڳالهہ بہ نہ هئي تہ هڪ شڪست ڪاڌل قوم، جن کي اڳي ئي روم جي غلاميءَ کان بيحد نفرت هئي، کي سواءِ ان جي ٻيو چارو بہ ڪونہ هو تہ پنهنجون ظالماڻيون ڪارروايون جاري رکندا اچن ۽ سخت بدلو وٺي پاڻ کي خوش ۽ مطمئن ڪن. پر يهودين وٽ وڏا وڪيل هٿا جيڪي محلات ۾ موجود هٿا ان حد تائين جو اُهي آمر جي دل اندر وينا هيا يعني سندس زال جيڪا سانئڻ هئي ۽

نوبصورت پاپيا جي روپ ۾ موجود هئي ۽ ٻيو هڪ راندیگر هو جنهن جو تعلق حضرت ابراهيم (ع - س) جي قوم سان هو جنهن اڳ ۾ ئي ناپسنديده ماٿهن لاءِ[40] پنهنجي طرفان پارتن سفارشن جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو هو. جڏهن نهنجي ڪمري ۾ پاڻ کي قاسائيندا هيا، ۽ هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته توڙي جو حضرت موسيٰ (ع - س) جا وئلڳ باهه لڳائڻ جي ڪٽي ڪر ۾ هرگز شامل نه هيا، پر اُنهن ۾ گئليلينس جي نالي ۾ هڪ سخت خطرناڪ فرقو پري آيو هو جيڪو انتهائي پيانڪ ڏوهن ۾ ملوث به هو ته ان جي لائق به هو. گئليلينس جي لقب سان، ماٿهن جا ٻه لبقا منجهائيندڙ هئا جيڪي طور طريقن رهڻي ڪهڻيءَ ۽ اصولن ۾ هڪ ٻئي جي بلڪل ابتڙ ۽ تضاد ۾ هئا: يعني هي حواري جن ندرت جي عيسيٰ جي مذهب کي قبول ڪيو هو[41] ۽ اُهي جنوني جيڪي جُوِداز گالونائيٽ[42] جي جهنڊي ينان جمع ٿي ويا هيا. پهريان انسانذات جا دوست ۽ پويان پڪا دشمن هيا ۽ جيڪا ٻنهي طبقن ۾ ڪا هڪ جهڙائي ئي ته اُها فقط اها ته وٽن جيڪو به اصول يا سنڊن نظريا هيا اُنهن ۾ ڪابه لچڪ ڪانه هئي، بس اهي ڇڙ هڪ جڳهه ي ڇميل هيا ۽ پنهنجي مقصد ۽ مراد حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ هو موت ۽ اذيتن جي به پرواهه نه ڪندا هيا، جُوِداز ا پوئلڳ، جن پنهنجن هم وطنن کي جهڳڙن ۽ فسادن ۾ اڙائي ڇڏيو هو، جلدئي جيروسلم جي تباهيءَ ۾ ڏهڃي ۽ ورجي ويا: جڏهن ته حضرت عسيٰ (ع - س) جا حواري جيڪي عيسائي جي نالي هيٺ مشهور ٿيا، سڄي روم جي نهنشاهت ۾ پکڙجي ويا. اهو ٽئسيٽس جي لاءِ ڪيڏو نه آسان ۽ فطري هو ته هٽلرئن جي زماني ۾ هو الزام ۽ ڪليفون پنهنجي پوري سچائي ۽ انصاف سان عيسائين جي ڪاتي ۾ لکي ڇڏي ها پر هن اُنهن کي ان ڏ قي سان نسوب ڪيو آهي جن جي بُڃان ڏيارينڊڙ ياد هميشه واسطي ختر ٿي وئي!

4. هن قياس آرائي يا اندازي ڪرڻ لاءِ جيڪو به خيال ظاهر ڪيو وڃي (ڇو ته اهو قياس آرائيءَ ڪان وڌيڪ يو ڪجهه به نه آهي) اهو ظاهر آهي ته نيرو جي اذيتن جو اثر توڙي سبب روم جي ديوارن تائين محدود هو:[43] ته ٽئليلينس يا عيسائين جي مذهبي عقيدن يا اصولن کي سزائن توڙي پڇا گاڇا جو موضوع ڪڏهن به نه ٿاهيو ويو هو ۽ يو ته سنڊن تڪليفن ۽ عذابن جو تصور جيڪو تمام گهٽي عرصي تائين ظلم ۽ ناانصافي جي نظرين سان لاڳاپيل و، ايندڙ بادشاهه جي طبيعت جي نرمي ۽ اعتدال پسندي کين آماده ڪيو ته ان فرقي کي هاٿي ڇڏي ڏين يا کين راموش ڪري ڇڏين جن کي آمر به تڪليفون پهچايون هيون ۽ جنهن جي ڪاوڙ گهٽو ڪري اُنهن ماٿهن خلاف هوندي ئي جيڪي نيڪ ۽ معصوم هوندا هيا.

اها ڳالهه حيران ڪندڙ آهي ته باهه جي شعلن جيروسلم جي مندر ۽ روم جي ڪئپيٽول کي هڪ ۽ ساڳي وقت ي تباهه ڪري ڇڏيو،[44] ۽ اها به غير اهم ڳالهه ناهي ته جيڪو احترام ۽ عقيدت پهرئين جي نالي ۾ لکيل هو انکي ملي ڪندڙ فاتح تبديل ڪري ۽ ان کي نڪاري شان شوڪت وارو بنائي پوئين جي مقدر ۾ لکي ڇڏي.[45] شهنشاهه، ماٿهن جي سِرن جي ڳٽڻ جي آڏار تي هڪ عام ٽئڪس يهودين تي هڻندا هئا ۽ توڙي جو اُها رقم، جيڪا هر سِرَ تي يڪو ڪري هنئي ويندي هئي، تمام نالي ماتر هوندي هئي: جنهن مقصد لاءِ اُها ٽئڪس جمع ڪئي ويندي هئي ۽ جنهن ختيءَ سان اُها وصول ڪئي ويندي هئي، ان تي ماٿهن اعتراض ڪيو جنهن کي برداشت ڪرڻ کان ٻاهر شڪايت ڇڏيو ويو.[46] جيئن ته روينيو ڪاتي جي آفيسرن کيترن ماٿهن تي پنهنجي ناجائز دعويٰ جمائي ڇڏي هئي جيڪي

يهودين جي خون توڙي مذهب لاءِ ڏاريا هيا تہ اُهو ناممڪن هو تہ عيسائين، جن گهٽو ڪري يهودين جي مندر ۽ رڄي پناهہ ورتي هئي، تہ اُهي هاڻي آزار ۽ اڇڻ کان ڪيئن ٿي بچي سگهيا. جيئن تہ اُنهن رتيءَ ماتر بت پرستيءَ جي اثر کان ب بچڻ ٿي چاهيو. سندن ضمير جي آواز کين منع ڪئي تہ ان راهب جي اعتراض ۽ احترام ڪرڻ کان پري رهن جنهن "ڪئپيٽولائن جو پيٽر" جو ڪردار اختيار ڪري ڇڏيو هو. جيئن تہ عيسائين جا بيشمار ماڻهو ايجا ب حضرت موسيٰ (ع - س) جي قانون ۽ مذهب سان لاڳاپيل هيا، توڙي اُنهن جو تعداد ڪجهہ گهٽيو هيو، اُنهن جي اِها ڪوشش تہ سندن اصل نسل يهودين وارو نہ هو تڏهن وائکو ٿي پيو جڏهن سندن طوهرن جي آزمائش ڪئي وئي،[47] ۽ روم جا مئجسٽريٽ ب ايتري فرصت ۽ ڪين هيا جو سندن مذهبي اصولن ۽ فرقن بابت ڪانئن ڪڙي پچا ڳاڇا ڪن. عيسائين مان جيڪي شهنشاهہ جي ٽربيونل جي سامهون آندا ويا، يا هيئن چوڻ شايد وڌيڪ مناسب ٿيندو تہ اُهي جڏهن جوڊيا جي مقدمي هلائيندڙ آڏو آندا ويا، تہ اوچتو ۽ ماڻهو ظاهر ٿيا جيڪي پنهنجي اصل نسل مان ايترا تہ نمايان هيا جو اُهي وڏن وڏن نالیوارن بادشاهن کان ب وڌيڪ معزز، باوقار ۽ خانداني ٿي لڳا. هي ٻئي سينٽ جُوڊ جا پوٽا هيا جيڪو هڪ حواري ۽ خود حضرت عيسيٰ (ع - س) جو پاڻ هو.[48] حضرت دائود (ع - س) جي تخت تي سندن فطري دعويٰ شايد ماڻهن کي سندن عزت ڪرڻ لاءِ متوجہ ڪيو هو ۽ گورنر جي حسد کي پڙکايو هو پر سندن ڪپڙن جي سادگي ۽ جواب ڏيڻ جي سلجهيل طريقي کيس يقين ڏياريو تہ هو روم جي شهنشاهت جي امن امان کي خراب ڪرڻ جا نہ تہ خواهشمند ۽ نہ وري ان قابل هيا. اُنهن سچائيءَ سان پنهنجو شاهاڻو حسب نسب ۽ مسيحا سان پنهنجو ويجهي رت جي رشتي جو تعلق ٻڌايو. پر اُنهن کي ب دنياوي خيال ظاهر نہ ڪيا ۽ يقين جو اظهار ڪيو تہ سندس بادشاهت، جنهن بابت کين پڪ هئي تہ قائم ٿيندي، روحاني ۽ فرشتن جي ص ٿن واري هوندي. جڏهن کانئن سندن گذر سفر ۽ ڏنڏي وغيرہ جو پڇيو ويو تہ اُنهن پنهنجا هٿ ڏيکاريا جيڪي پورهئي ڪرڻ سبب سخت نظر ٿي آيا ۽ پوءِ اُنهن ٻڌايو تہ هو پنهنجو گذر سفر هڪ ٻني جي ٽڪري کي کيڙڻ ذريعي ڪندا هيا جيڪو ڪوڪابا ڳوٺ جو ويجهو هو ۽ لڳ ڀڳ چوويهہ انگريزي ايڪڑن جيترو هو[49] ۽ جنهن مان نوَ هزار ڊراچمس يا ٽي هزار پائونڊ اسٽرلنگ جي اُپت ٿيندي هئي. ان ڪانپوءِ سينٽ جُوڊ جي پوٽن کي همدردي ۽ پڇان مان وڇڻ ڏنو ويو.[50]

پر، توڙي جو حضرت دائود (ع - س) جي خاندان جي اَڻچٽائيءَ سبب هو آمر جي شَڪن مان بچڻ جي اُميد ڪري سگهيا ٿي پر سندس خاندان جي بلندي ۽ مٿيرائيءَ سبب دوميٽين جي بزدليءَ واري فطرت ۾ بيچيني برپا ٿي وئي هئي جيڪا روم جي فقط اُنهن ماڻهن جي رت سان مانيٽي، ٽيٽي هئي جن کان يا تہ هو ڊڄندو يا نفرت ڪندو هو يا وري جن جي عزت ڪندو هو. سندس چاچي فلئويَس سئبينَس جي ہن پٽن مان[51] وڏي کي غداريءَ جي الزام ۾ سزا اچي وئي هئي ۽ ننڍو جنهن جو نالو فلئويس ڪليمينس هو پنهنجي همت ۽ قابليت جي ڪري ڪنهن جو احسانمند هو.[52] شهنشاهہ گهٽي وقت جي سوچ ڪانپوءِ پنهنجي بي ضرر عزيز کي سڃاڻي ورتو ۽ پنهنجون مهربانيون مٿس نڇاور ڪيائين ۽ ڪيس حفاظت ۾ ب رکيائين ۽ اڳتي هلي ڪيس پنهنجي پائٽي دوميٽيلا جو سَگ ڏئي شادي ڪرايائينس ۽ سندس هارن کي پاڻ پاليائين سانپيائين فقط ان اُميد تي تہ اڳتي هلي اُهي تخت سنبالينڊا، ۽ سندن پيءُ کي ڪونسل جو اعزاز پڻ بخشيو ويو پر جيئن ٿي سال کان پوءِ هن مئجسٽريٽ جو مدو پورو ڪيو تہ ٿورڙي ٿي ڪنهن

غذر يا بهاني سان، ڪيس نہ رکجو ذليل ڪيو ويو پر ڪيس موت جي سزا ڏني وئي: ڊوميٽيلا کي ملڪ کان نيڪالي ڏئي ڪمپانيا جي ڪناري تي[53] هڪ اڪيلي ٻيٽ تي ڇڏيو ويو ۽ ڪيس يا تہ موت جي يا وري سڄي ملڪيت جي ضبطيءَ جي سزا ڏني وئي جنهن ۾ ٻيا بہ ڪيترا ماڻهو جن تي ساڳيو الزام هو تہ ڪين بہ سخت سزائون ڏنيون ويون. ٻين ماڻهن تي جيڪو الزام هو اُهو اِهو هو تہ يا تہ هو ڌهريا يعني خدا جا منڪر هيا يا وري سندن طور طريقا يهودين جهڙا هيا،[54] هي ڪجهہ اهڙا خيال هيا جيڪي جيڪڏهن مناسبت سان لڳايا وڃن ها اُهي سواءِ عيسائين جي ٻي ڪنهن تي بہ نٿي لڳي سگهيا ڇو تہ اُهي ئي هيا جن کي غور سان نہ پر هلڪي ۽ غير اهم نمونو سان ڏنو ويندو هو ۽ انهن لاءِ ڇيو ويندو هو تہ اُهي هر ڳالهہ ۾ نامڪمل هيا ۽ اهڙي راءِ اُنهن جي لاءِ مٿجسٽريٽن جي بہ هئي تہ ان وقت جي ليکڪن ۽ اديبن جي بہ اُنهن متعلق ساڳي راءِ هئي. هڪ ممڪن معنيٰ ۽ مفهوم جي زور تي ۽ آمر جي شڪن کي تسليم ڪرڻ شرط اهو محسوس ڪيو ويو تہ سندس شڪ ئي سندن هڪ وقار واري ڏوهہ جي ثابتي هيو. تنهنڪري ڪليسا ٻنهي يعني ڪليمينس ۽ ڊوميٽيلا کي پهرين شهيدن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو آهي ۽ ڊوميٽين جي ظالماڻي روش کي اذيتن جي ٻي نمبر لسٽ ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي. پر هيءَ اذيت (جيڪڏهن ان کي واقعي اهو نالو ڏجي) ڪنهن ڏڳهي عرصي لاءِ نہ هئي. ڪليمينس جي موت ۽ ڊوميٽيلا جي ملڪ نيڪالي کان هڪ مهينو پوءِ، اسٽيفن، هڪ آزاد ماڻهو جنهن جو تعلق پوئين ماڻهوءَ سان هو ۽ جنهن جون مهربانيون بہ مٽس هيون، پر جنهن پنهنجي مالڪياڻيءَ جو نئون عقيدو يقيني طور اڃا تائين اختيار نہ ڪيو هو، شهنشاهہ کي سندس ئي محلات ۾ ماري ڇڏيائين.[55] سينيٽ، ڊوميٽين جي ياد کي ٻُرن لفظن سان ڌُهرايو ويو سندن ڪم ۽ حڪم رد ڪيا ويا، سندس طرفان ملڪ بدر ڪيل ماڻهن کي واپس گهرايو ويو ۽ نروا جي شفقت پرئي نظام ۾ جيڪي معصوم ۽ بيگناهہ هيا اُنهن کي پنهنجي رتبي ۽ ملڪيتن تي واپس ويهاريو ويو ۽ جيڪي وڏا ڏوهي هيا تہ اُنهن کي يا تہ معاف ڪيو ويو يا وري سندن سزائون ختم ڪيون ويون.[56]

II . انڪل ڏهن سالن ڪانپوءِ، ٽراجن جي حڪومت ۾، ننڍي پلني ڪي، سندس دوست ۽ مالڪ، بٿنيا ۽ پونٽس جي حڪومت حوالي ڪري ڇڏيو. هن جلدئي پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي محسوس ڪيو ۽ ڪيس سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ ڪهڙي انصاف ۽ قانون هيٺ هو اهڙا حڪم ويهي هلائي يا ڏميواريون نباهي جيڪي سندس مزاج ۽ انسانيت جي بلڪل برعڪس هيون. پلني، انصاف جي عدالتن ۾ عيسائين جي خلاف ڪنهن بہ معاملي ۾ ڪابہ ڪاروائي نہ هلائي هئي، ان حد تائين جو هو ڪنهن جي نالي کان بہ واقف نہ هو ۽ نہ وري ڪيس کا سُڌ هئي تہ متن الزام ڪهڙي نوعيت جا هيا، ڇو ڪين سزا ملي هئي يا اهڙين سزائن جي حيثيت ڇا هئي وغيرہ. هن مونجهاري ۾ هن نيٺ موقعي کي استعمال ڪرڻ چاهيو ۽ ٽراجن کي گذارش ڪيائين تہ هو نهايت ئي غير جانبداريءَ سان هن نئين مونجهاري کي سلجهائڻ ۾ مدد فرمائي ۽ ڪيس وينتي ڪيائين تہ اها شهنشاهہ جي مٽس مهرباني ٿيندي تہ هو سندس شڪن ۽ گمانن کي دور ڪري ۽ هن جي ڪيترن معاملن کان ناواقفيت سبب سندس رهنمائي ڪري.[57] پلني جي سڄي زندگي علم ۽ ڄاڻ کي حاصل ڪرڻ ۽ دنيا داري کي سهڻي نموني سان هلائڻ ۾ گذري هئي. اٽويهن سالن جي عمر کان وٺي، هن روم جي عدالت ۾[58] نهايت ئي نمايان حيثيت سان ڪيس هلايا هيا. سينيٽ تائين پهتو هو ۽ مٿجسٽريٽ جي عهدي

جي اعزاز کي به ماٿهو هٿائين ۽ سندس تعلقات ۽ رشتا کيترن ئي هر طبقي جي ماڻهن سان اٽلي توڙي ٻين صوبن ۾ هٿا جن کي توڙ تائين نباهيائين. سندس کجهه معاملن ۾ بيخبريءَ منجهان اسان کي کافي مفيد معلومات ملي ٿي. اسان پهريون پنهنجي پاڻ کي تسلي ۽ يقين ڏياريون ٿا جڏهن هن بٽنيا جي حڪومت کي قبول کيو هو ته ان وقت سينيٽ جا اهڙا قانون يا فيصلا عمل ۾ نه آندا ويا هيا جيڪي عيسائين جي خلاف هجن. ته نه ٽراجن ۽ نه وري سندس نيڪ سيرت اڳين شهنشاهن مان کنهن هڪڙي جو به ڪو فيصلو شهري يا ڏوهارين لاءِ ناهيل قانون ۾ پهتو هو جنهن ۾ نئين فرقي متعلق کنهن فيصلي يا راءِ جو اظهار کيو وڃي ها؛ ۽ جيڪي به ڪارروايون عيسائين جي خلاف کيون ويون هيون ته اُنهن منجهان کا هڪڙي به اهڙي نه هئي جنهن جي کا اهڙي اهميت يا منجهس ايترو وزن هجي جو روم جو مئجسٽريٽ ان کي ان قابل سمجهي ته اهو کيس يا کاروائي هلڻ جوڳي هئي.

ٽراجن جي جواب، جنهن ڏانهن پوءِ ايندڙ عيسائين اکثر اپيلون کيون هيون، منجهان خبر پوي ٿي ته کيس انصاف ۽ انسانيت لاءِ کيڏي نه عزت ۽ احترام هو جنهن کي مذهبي پاليسيءَ بابت سندس غلط فهمين جو ازالو ڇئي سگهجي ٿو.[59] بجاءِ سختي يا بيرحميءَ واري جوش جي جيکو هڪ جاچ ڪندڙ شخص ننڍن ننڍن تفصيلن کي معلوم ڪرڻ ۽ تفرقن جي سلسلي ۾ توڙي مجرمن بابت پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪندو آهي، پر شهنشاهه، مجرمن جي پڇڻ کي روڪڻ جي فڪر ڪرڻ بجاءِ کيس معصوم ۽ بيگناهه ماڻهن جي حفاظت جو سخت اونو رهندو هو ته جيئن کنهن بيقصور شخص سان ڪٽي کا زيادتي نه ٿي وڃي. هو ان ڳالهه کي مڃي ٿو ته کا عام تجويز ناهجي جيکا ماڻهن جي بهتريءَ لاءِ هجي، پر هو به عمدا اصول واضح ڪري ٿو جن گهٽو ڪري عذاب ۾ آيل عيسائين جي تڪليفن کي گهٽايو ۽ کين همت ۽ حوصلو بخشيو. توڙي جو هو مئجسٽريٽن کي هدايتون جاري ٿو ڪري ته اُنهن ماڻهن کي ضرور سزائون ڏنيون وڃن جن کي قانوني طرح ڏوهي قرار ڏنو ويو هو، پر ساڳي وقت پنهنجن حڪمن ۾ تضاد پيدا ڪندي کين منع به ڪري ٿو ته اُنهن ڏوهارين خلاف وڌيڪ جاچ کي بند کيو وڃي. مئجسٽريٽ کي اها اجازت به نه ڏنل هئي ته هو ننڍي وڏي اطلاع تي جاچ شروع ڪري ڏئي. بغير نالن جي جيکي به شڪايتون وصول ٿين ٿيون ته شهنشاهه اُنهن کي رد ڪري ٿو ته اهڙيون نامعلوم ماڻهن جون شڪايتون سندس حڪومت جي انصاف جي تقاضائن جي خلاف هيون. اُنهن ماڻهن جن خلاف عيسائين هٿڻ جو بهتان هو ته شهنشاهه کي فوري طور تي الزام هٽندڙ جي سچي ۽ ايمانداريءَ واري شاهديءَ جي گهُرج هئي. ساڳي طرح ان ڳالهه جو به امکان هو ته جن ماڻهن اهڙا عهدا ماڻيا هيا، جتي ان ڳالهه جو خدشو هو ته اُهي کنهن کي نقصان پهچائي ٿي سگهيا ته اُنهن کي مجبور کيو ويو هو ته پنهنجن شڪن ۽ گمانن بابت کليل دليل ڏين ۽ اهو به واضح ڪن (ٻنهي يعني وقت ۽ هنڌ جي سلسلي ۾) ته ڪڏهن ۽ ڪٽي اهڙا ميڙ ۽ جلسا ٿيا هيا جن ۾ سندن عيسائي دشمنن شرڪت ڪئي هئي، ۽ گهٽي انداز ۾ اُهي حالتون به بيان ڪن جيکي ناپاڪ ماڻهن کان وڏي احتياط ۽ مخفي طرح سان لکايون ويون هيون. جيڪڏهن اُهي پنهنجي مقدمي ۾ کامياب ٿي ويا ته اُهي کيترن ماڻهن ۽ هڪ متحرڪ پارٽي جي ماڻهن کي سخت ناراض ڪندا ۽ جيکي آزاد خيال ماڻهو آهن ته اُهي به کين ننڍيند ۽ انکاسواءِ ذلت به سندن مقدر ۾ لکيل آهي جيکا کين ضرور ڏسٽي پوندي ڇو ته اُها هر دؤر ۽ هر ملڪ ۾ هڪ مخبر جو روپ وٺي پڌري ٿيندي آهي. ۽ جيڪڏهن هو کيس کي ثابت ڪرڻ ۾ ناکام رهيا ۽ جائز

ثابتي نہ ڏئي سگھيا تہ پوءِ هو موت سميت سخت ۾ سخت سزا جا حقدار ٺيندا جيڪا، اُن قانون موجب جيڪو شهنشاهہ هئڊرئن پڌرو ڪيو هو، اُنهن کي ڏني ويندي هئي جيڪي پنهنجن رعيت جي يا ملڪي ماڻهن کي عيسائيت بابت غلط ۽ بي بنياد ڳالهين کي اُنهن سان منسوب ڪندا ۽ ڪوڙا الزام مٿن مڙهيندا. ذاتي توڙي ٻين وهمن جي تشدد جو ڪينو ڪڏهن ڪڏهن بيعزتي ۽ خطري جي شڪن تي حاوي ٿي ويندو آهي پر اهو يقين سان تصور نٿو ڪري سگهجي تہ اهڙا واهيات الزام روم جي شهنشاهت جي لادينيئن طرفان تمام هلڪي نموني سان محسوس ڪيا ويا هيا، جن جي، سندن نظر ۾ ڪا خاص اهميت ئي ڪانہ هئي.[60]

قانون جي چنبي کان بچڻ جو جيڪو بهانو ناهيو ويو هو اُهو ان ڳالهہ جو ڪليو ثبوت آهي تہ هنن ذاتي ڪدورتن يا وهمن واري جوش جذبن وارين شرارتن ۽ سازشن کي ڪيئن نہ ناڪام بڻائي ڇڏيو هو. هڪ تمام وڏي ۽ گوڙ گهمسان واري اسمبليءَ ۾، خوف ۽ شرم جي ضابطن، جيڪي شخصي طور ماڻهن جي ذهنن تي سوار هوندا آهن، کي گهٽي پاڻي ناڪام بڻايو ويو هو. نيڪ عيسائي، جيئن تہ هو شهادت جي عظمت ماڻڻ يا انکان بچڻ جو خواهشمند هو تہ ڪيس بيصبريءَ يا خوف مان هڪ اُميد هئي تہ عوامي راندين ۽ جشنن کي ڏوم ڏام سان جلد واپس ورايو ويندو. هنن موقعن تي شهنشاهت جي وڏن وڏن شهرن مان تمام گهٽا ماڻهو سرڪسن يا ٿيٽرن جي جڳهہ تي وڏن ميڙن جي صورت ۾ گڏ ٿيندا هيا، جتي ان هنڌ جي هر صورتحال ۽ جشن جو ماحول، سندن عقيدتن ۽ جذبن کي تازگي بخشيندو هو ۽ انسانيت کي وڌيڪ چمڪائڻ جو ذريعو بنبو هو. هڪ طرف بيشمار تماشبين جن کي هارن جا تاج پاتل ۽ لوبان جي خوشبو سان واسيل هيا ۽ شڪار ٿيل ماڻهن جي رت سان پاڪ ٿيل هيا ۽ پنهنجن سرپرستي ڪندڙ ديوتائن، مجسمن ۽ قربانگاهن ۾ وکوڙيل هيا، خوشين کي ملهائڻ لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو ۽ جنهن کي هنن پنهنجي عبادت جو ضروري حصو ئي سمجهيو: اُنهن کي هن موقعي تي ياد آيو تہ فقط عيسائي ئي هيا جن کي انسانن جي ديوتائن کان نفرت هئي ڇو تہ اهڙي موقعي تي سندن غير حاضري يا سندن غمگين چهرن منجهان ائين لڳي رهيو هو تہ ڇڻ هيتري ساري ماڻهن جي ميڙ جي بيعزتي ٿي ڪيائون يا عوامي جشن تي پنهنجي طرفان ماتر ڪري رهيا هئا. جيڪڏهن شهنشاهت تي ڪا تازي ۽ اوچتي آفت اچي وجي ها، ڪا وبا اچي مُنهن ڪڍي ها، ڏڪر پٽجي وجي ها يا ڪا ناڪام جنگ ڇڙي پوي ها، ۽ جيڪڏهن ٽائيبر ۽ نيل نديون پنهنجن ڪنارن کان مٿي ٽائين بہ پرجن ها، جيڪڏهن زمين ڏڏي وجي ها يا جيڪڏهن موسمن جو اعتدال وارو گردان گڙبڙ ٿي وجي ها تہ ان صورتحال ۾ وهمن وسوسن ۾ وکوڙيل لادين پڪ سان اهو يقين ڪري وڻن ها تہ عيسائين جا ڏوهہ ۽ سندن لادينيت، جن کي حڪومت جي حد کان وڌيڪ نرميءَ هن وقت تائين بچايو هو. آخر ڪار الله تعاليٰ جي انصاف کي ڇڙ ڏياري ڇڏي هئي. اهو عياش ۽ ڪاوڙيل ماڻهن جو ميڙ نہ هو جتي قانون جي ڪارروائيءَ کي هلايو وجي ها، اها ڪا نمائش گاهہ نہ هئي جنهن تي جهنگلي جانورن ۽ ترار بازن جو رت لڳل هجي تہ جتي همدرديءَ جي آواز کي ٻڌي سگهجي. ماڻهن جي وڏي انبوهہ وڏن آوازن بيتابي ۽ بيصبريءَ مان عيسائين کي برويلو ٿي ڳالهايو ۽ مٿن چوهہ ٿي ڇنڊيا تہ هو ديوتائن توڙي انسانن جا دشمن هيا، تنهنڪري کين سخت تڪليفن ۽ سُورن جي واتَ ۾ وڌو ويو. ۽ سندن نمايان ۽ نالياورن ماڻهن کي جن نئين فرقي کي اختيار ڪيو هو، اُنهن جا نالا ڪٽي ۽ وڏي بيهودائيءَ جو مظاهرو ڪندي، اُنهن خلاف سخت

ڪاوڙ جو اظهار ڪيائون ۽ وڏي واڪي چيائون تہ اُنهن کي جلدي گرفتار ڪري شينهَن آڏو پٽڻ کائڻ لاءِ اچلايو وڃي.[61] صوبائي گورنر ۽ مئجسٽريٽ جن ماڻهن جي اهڙن نظارن جو غور سان مشاهدو ٿي ڪيو. ان ڳالهہ تي ڪجهہ آماده ٿي لڳا تہ ماڻهن جي لاڙن ۽ راين جو احترام ڪيو وڃيلفت ڪري سگهجي. حضرت عيسيٰ (ع - س) جي موت کان اسي سال پوءِ، سندس بيتصور پوئلڳن کي، هڪ نرم مزاج ۽ فيلسوفن واري طبيعت رکندڙ مئجسٽريٽ جي قلم سان موت جون سزائون ڏنيون ويون ۽ اُهي بہ وري اهڙي شهنشاهہ جي قانون ذريعي جيڪو سياڻپ، انصاف ۽ مانائتي انتظام ذريعي سڃاتو ويندو هو. جيڪي معافي نامو تراجن جي پونيرَن ڏانهن موڪليا ويا هيا تہ اُنهن ۾ دردناڪ دانهون ڪيون ويون هيون تہ جيڪي عيسائي پنهنجي ذهن ۽ ضمير جي چوڻ تي پنهنجي زندگي گذاريندا هُيا تہ روم جي شهنشاهت جي رعيت ۽ ماڻهن جي بي قابو غصي کي ٺڏي ڪرڻ لاءِ ڪن اٿوندڙ ماڻهن جي قرباني ڏني وڃي، پر شهنشاهن جي دانائيءَ، ڪليسا کي بيشمار ماڻهن جي گوڙ گبوڙ ۽ بي تُڪن الزامن جي خطرن کان بچائي ڇڏيو ۽ ڪين تنبيهَہ ڪئي وئي تہ ماڻهن جو بي مقصد هُل هنگامو حڪومت جي مضبوطيءَ جي خلاف ۽ انتظامي لحاظ کان بہ ناپسنديدهہ عمل هو. هئڊرئن ۽ ائنٽونينَس پيس جي فيصلن ۾ صاف طور واضح ڪيو ويو هو تہ گهٽن ماڻهن جي گوڙ شور يا آوازن کي ڪڍهن بہ قانوني شاهديءَ طور تسليم نہ ڪيو وڃي ۽ ان بنياد تي نہ تہ ماڻهن جي خلاف ڪو فيصلو ڏنو وڃي ۽ نہ وري اُنهن بدقسمت ۽ بدنصيب ماڻهن کي سزا ٻڌائي وڃي جن عيسائين جي جوش خروش کي ڏسي اهو مذهب قبول ڪيو هو.[62]

III . سزا ڏيڻ، فيصلي ٿيڻ جو لازمي نتيجو ڪو نہ هو ۽ عيسائي، جن تي نہ رڳو شاهدن جي شاهديءَ ذريعي پر خود پنهنجي اعتراف ڪرڻ تي بہ مٿن الزام صاف ۽ چٽيءَ طرح ثابت ٿي چڪو هو، اڃا وٽن اهو اختيار موجود هو تہ هو زندگي قبول ڪندا يا موت. مزاحمت ڪرڻ اهو ايترو ماضيءَ جو جرم بہ ڪين هو، جنهن مئجسٽريٽ کي تيش ۾ آڻي ڇڏيو هو. هن کي آماده ڪيو ويو هو جنهن سبب هن کين آسانيءَ سان معافي ڏئي ڇڏي ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اُهي قربان گاهہ تي ڪجهہ ڌاڻا لوبان جا وجهڻ لاءِ راضي ٿين ها تہ اُهي ٽربيونل ۾ پيش ئي نہ ٿين ها ۽ خوشي ۽ سلامتيءَ سان آزاد هجن ها. اها هڪ نهايت ئي رحمدل جج جي فرض ادائيگي سمجهي وئي جو هن سزا ڏيڻ جي بجاءِ پٽڪيل ۽ گمراهہ جوشيلن کي ٻيهر خرابين کان باهر ڪيڻ جو موقعو ڏنو. پنهنجو لهجو قيدين جي حالتن، سندن جنس ۽ عمرين سان مطابقت رکندڙ بنائيندي هن بار بار پنهنجي مهرباني ۽ شفقت جو اظهار ڪندي کين اُهي حالتون هنن جي اکين اڳيان ڏيکاريون جنهن موجب زندگي وڃڻ آسان ۽ حسين نظر اچي ٿي ۽ موت وڃڻ ڀيانڪ ٿي وڃي ٿو ۽ کين گذارشون ۽ منٽون ڪيائين تہ هو پاڻ تي ڪجهہ رحم ڪائن، پنهنجي ڪٽنب ۽ دوستن جو ڪجهہ خيال ڪن.[63] جيڪڏهن ڏمڪيون ۽ ايلاز منٽون اثرائتيون نہ ٿيون تہ هن وٽ هاڻي فقط تشدد جو طريقو رهجي ويو هو: ڪوڙا ۽ ٽِڪنجا گهرايا ويا تہ بحث مباحثي جي جڳهہ تي اُهي استعمال ڪيا وڃن ۽ هر قسم جي اذيتن جو ڪين مزو چکرايو ويو تہ جيئن سندن هڏ، هوڏ ۽، جيئن لادينيَن کي لڳي رهيو هو، ۽ سندن مجرماڻي ۽ ضدي طبيعت کي مات ڏئي سگهجي. عيسائيت جي قديمي دفاع ڪندڙن تمام سختي ۽ سڃائيءَ مان اذيت پهچائيندڙن جي غلط روين کي نديو آهي، جن عدالتي ڪارروائيءَ جي هر اصول جي برخلاف، تشدد جي استعمال کي عام ڪيو تہ جيئن ڏوهہ جو اعتراف نہ

پر ان جو انکار حاصل کري سگھن ۽ اھو ئي سندن انکواري کرڻ جو مقصد ٻہ ھوندو ھو.[64] بعد واري زماني جي ٻاوَن، جن پنھنجي امن ۽ سکون جي اکيلائيءَ ۾، اوائلي شھيدن بابت موت ۽ ڏکن جون مختلف ۽ تبديل ٿيندڙ شڪليون ڏيکاري، پنھنجي طبيعت کي پئي وندرايو آھي ۽ اُنھن ئي گھٽو ڪري اذيت جا نوان ۽ جديد اوزار پئي ايجاد کيا آھن. خاص طرح تي اھو فرض کندي کين خوشي ٿي تہ روم جي مئجسٽريٽ ھر اخلاقي قدر يا انساني شرافت کان نفرت کندي. اُنھن ماڻھن کي ڏاڍاڻ ۽ برغلائڻ شروع ڪيو جن کي ھو مات ڏئي مجائي نہ ٿي سگھيا ۽ سندن ئي حڪمن سان. اُنھن خلاف سخت تشدد جون ڪارروايون ڪيون ويون جن کي برغلائڻ ھنن لاءِ ناممڪن ٿي ويو ھو. اھو بيان ڪيو ويو آھي تہ پاڪدامن عورتون جيڪي موت کان نفرت کنديون ھيون، ڪڏھن ڪڏھن کين سخت ترين آزمائش مان گذرڻو پوندو ھو ۽ کين گھرائي چيو ويندو ھو تہ ھُو پنھنجي مذھب کي وڌيڪ مان ڏين ٿيون يا پنھنجي ڪنوارپ کي برقرار رکڻ چاھيندیون. جن نواجوانن جي شھواني پاڪرن ۾ کين اچلايو ويندو ھو. انھن کي جج طرفان نيڪ ھدايتون ملنديون ھيون تہ ھو پوري پوري ڪوشش ڪري زھرہ جي مان کي ناپاڪ ڪنواري کان بچائي جنھن پنھنجي قربانگاھ تي لوبان ٻارڻ کان انکار کري ڇڏيو ھو. سندن تشدد کي، بھرحال ڪڏھن ڪڏھن ناڪامي نصيب ٿيندي ھئي ۽ ڪنھن معجزاتي طاقت ذريعي ان ۾ ڪڏھن ڪڏھن رڪاوٽ ايندي رھندي ھئي جنھن سبب حضرت عيسيٰ (ع - س) جون پاڪدامن گھروارين بيحرمتيءَ کان محفوظ رھيون تو‌ڙي جو ان ۾ غير شعوري شڪست سمايل ھئي. اسان کي اھو مشاھدو ڪرڻ نہ وساريڻ گھرجي تہ ڪليسا جا قديمي تو‌ڙي مستند يادگارَ ڪڏھن بہ ھنن فضول ڳالھين ۽ غير معياري ۽ افسانوي ڳالھين ذريعي ناپاڪ نہ ٿيا آھن.[65]

اوائلي شھادتن جي باري ۾ سچائيءَ کي پوريءَ طرح پاسيرو رکيو ويو آھي ۽ فطري غلطين جي ڪري غلط بيانيءَ کان ڪم ورتو ويو آھي. چوٿين ۽ پنجين صدي عيسوي جا ڪليسائي ليکڪ، روم جي مئجسٽريٽن لاءِ ساڳيوئي ڪنور ۽ بي رحمي واري جوش ڏيکارينداھيا جيڪو سندن سينن ۾ ان وقت جي تفرقي بازن ۽ بت پرستن خلاف پريل ھوندو ھو. اھا اڄ ٽيٽي ڳالھہ ناھي تہ منجھانئن ڪجھہ ماڻھن وارا تعصب ۽ ڪدورتون پنھنجي اندر ۾ سمائي ڇڏيون ھجن ۽ ٻين ماڻھن جو ظالماڻو روَيو سندن طبيعتن ۾ بہ حرص، لالچ ۽ ذاتي رنجش جي جذبن جو طوفان اڀارينڈو ھجي.[66] ۾ اھا ڳالھہ يقيني آھي، ۽ اسين پھرين عيسائين جي احسانمنديءَ وارن اعترافن جا ٽورائتا آھيون تہ اُھي مئجسٽريٽ، جن گھٽو ڪري صوبن جي اندر شھنشاھ جا يا سينيٽ جا اختيار ٿي استعمال کيا ۽ جن جي ئي ھٿن ۾ فقط زندگي ۽ موت جو عدالتي اختيار سوٽپيل ھو، بيحد مانائتا ۽ اخلاق وارا ھئا ۽ سندن تعليم ۽ تربيت مان بہ فراخدليءَ وارا انساني جذبا پيا نظر ايندا ھئا، ۽ جيڪي انصاف ۽ قانون جي عزت کندا ھئا ۽ اھي فلسفي جي اُصولن کان بہ ڇڪيءَ طرح واقف ھئا. اُھي اڪثر ڪري اذيتن واري نفرت جي سزا ڏيڻ کان ڪيھائيندا ھئا، ۽ اجاين الزامن کي ڪاوڙ ۾ ختر ڪري ڇڏيندا ھئا يا وري ملزم کي پاڻ پنھنجي طرفان کي اھڙا قانوني نقطا ٻڌائيندا ھيا جن ذريعي ھو قانون جي سختيءَ کان بچي سگھي.[67] جڏھن بہ کين پورن اختيارن استعمال کرڻ جي مڪمل اجازت[68] ڏني ويندي ھئي تہ اُنھن کي ھو ماڻھن کي تڪليفن ڏيڻ ۽ سختيون سھڻ لاءِ گھٽ پر ڏکن ۾ وڪوڙيل ڪليسا کي سنڪون پھچائڻ ۽ آفت ۽ فائدي ڏيڻ لاءِ استعمال کندا ھيا. اُھي سيني عيسائين کي جيڪي عدالت آڏو پيش کيا ويندا ھيا،

بس اکيون بند ڪري سزائون نہ ڏيندا هيا ۽ نہ وري اُنهن سيني کي موت جي سزا ڏيندا هيا جن تي نئين فرقي اختيار ڪرڻ جو الزام هو ۽ جيڪي ضد ۽ هوڏ ذريعي نوَن وهمن وسوسن کي چنبڙيا پيا ها. مئجسٽريٽ پاڻ کي ان ۾ مطمئن ڪندا هيا تہ ملزمن کي اُنهن ننديون سزائون ڏنيون هيون، جيئن جيل ۾ موڪلڻ، ملڪ بدري، ڪاٽين ۾ غلامي[69] وغيرہ ۽ وري اُنهن ملزمن کي ڪنهن دليل يا اُميد ذريعي مطمئن ڪندا هيا تہ ڪو بہ ملڪي خوشحاليءَ جو واقعو، شهنشاہ جو تخت تي ويهڻ، شاديون يا شهنشاہ جي ڪا خوشي يا فتح جا موقعا ضرور ايندا جن ذريعي کين عام معافي ملي ويندي ۽ اُهي پنهنجي اصلي حالت ۾ اچي ويندا جيئن الزام لڳڻ کان اڳ ۾ هيا. جيڪي مذهب لاءِ اذيتون پوڳيندڙ هيا ۽ جن کي روم جي مئجسٽريٽ فوري طور تي موت جون سزائون ٻڌايون هيون، اُنهن کي متضاد انتهائن منجهان چونديو ويو هيو. اُهي يا تہ پادري يا نائب پادري هيا. جيڪي عيسائين ۾ تمام نمايان ۽ نروار حيثيت جا مالڪ هيا ڇو تہ سندن رُتبو، اثر رسوخ ۽ ڏاکو ايترو تہ وينل هو جو سندن نالي وڻڻ سان ئي سڄي فرقي جي ماٿهن ۾ دهشت ڇانئجي ويندي هئي؛[70] ۽ ٻيا گهٽ طبقي وارا ۽ نيچ قسر جا ماڻهو هيا ۽ خاص طرح اُهي جن غلاميءَ جي زندگي گذاري هئي جن جي زندگي جو ڪو مطلب مقصد ڪونہ هو ۽ جن جي تڪليفن ۽ ڏکن سورن کي بہ قديم ماٿهن طرفان لاپرواهيءَ مان ڏٺو ويندو هو ۽ انهي جي ڪا اهميت ڪانہ هوندي هئي.[71] پڙهيل لکيل اوريجن، جنهن پنهنجي تجربي ۽ مطالعي مان، عيسائين جي تاريخ جي ڳوڙهو مطالعو ڪيو هو ۽ ان بابت ڪيس پوري ڇاڻ بہ هئي، صاف ۽ ڪليل لفظن ۾ ٻڌائي ٿو تہ مذهب لاءِ اذيتون پوڳيندڙن جو تعداد تمام گهٽ هو.[72] فقط سندس راءِ ئي شهيدن جي هڪ وڏي فوج جي مفروضي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي جن جون مقدس نشانيون، جن کي گهٽو ڪري روم جي قبرستانن جي مقبرن مان هٽ ڪيو ويو هو. ڪليسائن ۾[73] وڏي ادب ۽ احترام سان رکيون ويون آهن ۽ جن جا حيرت ۾ وجهندڙ ڪارنامہ، مقدس پيار جي موضوع طور ڪيترن ڪتابن جي جُلدن ۾ چپيل آهن.[74] پر اوريجن جي عام راءِ کي وڌيڪ سمجهڻ ۽ انجي تصديق ڪرڻ جي ضرورت آهي جنهن جي سندس ڊائنوسيس جي شاهديءَ ذريعي پڪ ڪئي وئي آهي ۽ جيڪو، اليگزئنڊريا جهڙي وڏي شهر ۾ ۽ ڊيسيَس طرفان سخت اذيتن ۾، فقط ڏهن مردن ۽ ستن عورتن کي ڇڏائي ٿو جن عيسائيت جي متصدن ۽ مذهب لاءِ مصيبتن کي پوڳيو هو.[75]

اذيتن جي ساڳئي دؤر ۾ سائپرين جيڪو جوشيلو، تقرير جو ماهر ۽ ڪيترين آئيندي جون اُميدون رکندڙ هو، تہ فقط ڪارٿيج ۾ آفريڪا جي ڪليسا جي انتظام جي سنياڻ بہ سندس نظرداريءَ هيٺ هئي. هن ۾ هر اُها اهليت موجود هئي جنهن عقيدتمندن طرفان کيس احترام لائق بنايو هو تہ وري ٻي طرف لادين مئجسٽريٽن طرفان هو سندن ناراضگي ۽ شڪ شبهن جو مرڪز پڻ بڻيل هو. سندس ڪردار توڙي مرتبي کيس ڪليسا جي مُنهندار وارو مرتبو ڏئي ڇڏيو هو ۽ انڪري ئي هو بين طرفان حسد ۽ خطري جو نشانو بڻجي ويو.[76] سائپرين جي زندگيءَ جو تجربو اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي تہ اسانجي تصور، عيسائي پادريءَ جي جوڪائتي صورتحال کي بيان ڪرڻ ۾ تمام گهٽي مبالغي مان ڪم ورتو آهي ۽ جن خطرن لاءِ اسانکي ٻڌايو ويو آهي تہ هو اُنهن ۾ وکوڙيل هيا، اُهي حقيقت ۾ تمام نہ هئڻ جهڙا هيا ۽ اُنهن جي مقابلي ۾ تہ ڪجهہ بہ نہ هيا جيڪي دنياوي معاملن ۾ اسانکي اعزازن حاصل ڪرڻ لاءِ روز بروز ڏسڻا پون ٿا. روم جا چار شهنشاہ پنهنجن ڪٽنبن، سندن خاص ماٿهن ۽ اُنهن جي پوئلڳن سميت ترار جي تاءِ

ذريعي ڏهن سالن جي ٽورڙي عرصي ۾ ختر ڪيا ويا. اُنهيءَ عرصي ۾ ڪارٿيج جي پادري پنهنجي اختيارن ۽ ڳالهائڻ جي فن ذريعي آفريڪي ڪليسا جي ڪائونسلن جي رهبري ڪئي. اهو فقط سنڊس انتظام هلائڻ جي ٽئين سال ۾ ٿيو جڏهن، ايندڙ چند مهينن ۾ وٽس دليل هيا تہ هن ڊيسيس جي تمام سخت فيصلن کي شڪ جي نظر سان ڏسڻ تہ مئجسٽريٽ جي ذهانت توڙي بيشمار ماڻهن جي دانهن ذريعي وڏي آواز سان اهو مطالبو ڪيو ويو تہ عيسائين جي ليڊر سائپرين کي ڳٽرا ڳٽرا ڪري شينهن اڳيان اُڇلايو وڃي. دوراندیشيءَ جي گهُرج اها هئي تہ مُهاڏو نہ اتڪائجي ۽ مصلحت ڪري پنڌي هٽجي ۽ ٿيو بہ ائين جو دوراندیشيءَ جي آواز تي ڪَنُ ڏئي ان موجب عمل ڪيو ويو. هن پاڻ کي اٽڪائيءَ واري اڪيلائيءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو. جتان هو مذهبي ماڻهن توڙي ڪارٿيج جي ماڻهن سان خط و ڪتابت ذريعي مسلسل رابطي ۾ هو ۽ تيستائين پاڻ کي لڪل رکيائين جيستائين طوفان گذري وڃي: هن پنهنجي زندگيءَ جي حفاظت ڪئي جنهن ۾ هن نہ تہ پنهنجا اختيار ڇڏيا ۽ نہ پنهنجي شُهرت کي هٿان وڃڻ ڏنو. سنڊس وڏي احتياط جي باوجود، جيڪي ڪٽر عيسائي هيا اُنهن سنڊس روَش کي نندیو ۽ ان تي افسوس جو اظهار ڪيائون، يا وري سنڊس ذاتي دشمنن جون ملامتون ۽ الزام بہ مٿس ايندا رهيا جن سنڊس ڪردار کي بُزدلائو ڪوٹيندي انجي مذمت ٿي ڪئي تہ هن هڪ مقدس ڊيوٽي کي ڇڏي ڏنو هو جيڪو هڪ ڏوهہ وارو عمل هو.[77] ايندڙ وقت جي ڪليسائي ضرورتن لاءِ پاڻ کي اڳواٽ تيار ڪرڻ جو پروگرام. ڪيترن ئي مقدس پادرين جو مثال[78] ۽ خدائي تنبيهون، جيڪي، جيئن هو پاڻ کي ظاهر ڪري ٿو، هن خوابن ۽ نيم بيهوشيءَ جي ڪيفيت ۾ اڪثر ڏنيون هيون، ۽ اهي ئي سبب هيا جيڪي هن پنهنجي وضاحت ۾ ڄاڻايا هيا.[79] پر سنڊس بهترين معافي نامو سنڊس خوشيءَ واري فيصلي ۾ ڄاڻايل آهي جنهن جي اڻ سالن ڪانپو، هو مذهب جي مقصد حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ مري ٿو وڃي. سنڊس شهادت جي مستند تاريخ کي تمام سچائي ۽ غير جانبداريءَ سان بيان ڪيو ويو آهي. ان جو مختصر ٽڪرو تمام صاف نموني اسان کي اُنهن اهم حالتن بابت ڄاڻ ڏيندو تہ روم ۾ ماڻهن کي ڪهڙيون اذيتون ڏنيون ويندیون هيون.[80]

جڏهن وٽليرين ٽئسين ۽ گئلئينس چوٽين پيري چيف مئجسٽريٽ مقرر ٿيا تہ پئٽرنس جيڪو آفريڪا جو مئجسٽريٽ هو، ان سائپرين کي پنهنجي ذاتي ڪائونسل جي ڪمري ۾ سڏيو. هن کيس شاهي فرمان جي باري ۾ ٻڌايو جيڪو هن کي هاٿي هاٿي مليو هو،[81] تہ اُهي جن روم جي مذهب کي ڇڏي ڏنو هو تہ اُهي فورن پنهنجن ابن ڏاڏن جي رسمن رواجن کي اختيار ڪري ڇڏين. سائپرين بنا دير جواب ڏنو تہ هو عيسائي بہ هيو تہ ان سان گڏ پادري پڻ هيو ۽ انڪري هو پابند هيو تہ هو فقط هڪڙي ۽ سچي رب جي بندگي ڪندڙ هيو ۽ جنهن جي هو روزانو عبادت ڪندو هيو ۽ ہن شهنشاهن جي سلامتي ۽ خوشحاليءَ لاءِ دعائون گهرندو هيو جيڪي سنڊس قانوني حڪمران هيا. هڪ فضيلت واري اعتماد سان هن هڪ شهري هئڻ جو حق استعمال ڪندي ڪيس وڌيڪ چيو تہ هو ڪجهہ هاجيڪار ۽ غير قانوني سوالن جي جواب ڏيڻ جو پابند نہ هو جيڪي مئجسٽريٽ ڪانئس پڇيا هيا. هڪ حڪر جاري ڪندي سائپرين کي ملڪ نيڪالي ڏني وئي جيڪا سائپرين جي نافرماني جي سزا هئي: ۽ هن کي بنادير ڪيوروِئس وٽي ويا جيڪو زوگُيٽانا جو هڪ ساموندي شهر هو جيڪو خوشگوار هنڌ تي سرسبز ۽ آباد هو ۽ ڪارٿيج کان فقط چاليهن ميلن جي مفاصلي تي هو.[82] ملڪ نيڪالي ڏنل پادري زندگيءَ جو آسانيون ماڻي رهيو هو ۽ نيڪي ۽ پلائيءَ جي ڄاڻ کي وڌيڪ ويجهو ٿي

ويو هو. سندس شهرت آفريڪا ۽ ايٽلي ۾ خوشبو جيان ڦهلجي وئي: سندس ڪردار جي طور طريقن بابت تفصيل عيسائي دنيا جي سڌارڻ ۽ سنوارن لاءِ چپجي ويو:[83] ۽ سندس اڪيلائيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو خلل پيو پئي تہ اُهو ماڻهن طرفان خط، سندن اچڻ وڃڻ ۽ ماڻهن جي مبارڪباد جي پيغامن جو هو. صوبي ۾ نئين مئجسٽريٽ جي اچڻ تي، سائپرين جو بخت ۽ پاڻ ٻيهر چمڪي اٿيو ۽ سندس سخت ڪمي محسوس ٿين لڳي. ڪيس ملڪ بدريءَ مان واپس گهرايو ويو. توڙي جو ڪيس ايجا ڪارٿيج وڃڻ جي اجازت نہ ڏني وئي هئي، پر گاديءَ جي هنڌ جي پرسان سندس پنهنجن ئي باغن ۾ هن جي رهائش گاهہ جو بندوبست ڪيو ويو.[84]

آخرڪار، سائپرين جي پهرين گرفتاريءَ کان پورو هڪ سال پوءِ، [85] گئلريس مئڪسيمس، آفريڪا جي منجسٽريٽ کي شاهي حڪم مليو تہ سيني عيسائي اُستادن کي موت جي سزا ڏني وڃي، ڪارٿيج جو پادري وڏو عقلمند هو ۽ هو سمجهي ويو تہ ان حڪم جو هو پهريون شڪار هوندو: تنهنڪري سندس طبيعت جي ڪمزوريءَ ڪيس ترغيب ڏني تہ هو لِڪي ڇپي ڪيڏانهن هليو وڃي تہ جيئن خطرو ٻہ ٽري وڃي ۽ هو شهيد ٿيڻ کان ٻچي وڃي: پر وري هڪ ڀرڪ مان جاڳي پيو ۽ سندس بُردباري ۽ صبر جيڪا سندس ڪردار جي تقاضا ٻہ هئي، هو پنهنجن باغن ڏانهن موٽي ويو ۽ صبر سان موت جي فرشتن جو انتظار ڪرڻ لڳو. هن وڏن آفيسرن جن تي اهو ڪم سؤنپيو ويو هو، سائپرين کي هڪ گاڏي ۾ پنهنجي وچ ۾ ويهاريو، ۽ جيئن تہ ان وقت مئجسٽريٽ وٽ وقت ڪو نہ هو، هو ڪيس جيل ڏانهن نہ پر ڪارٿيج ۾ هڪ ذاتي گهر ۾ وٺي ويا جيڪو ٻنهي مان ڪنهن هڪڙي جو هو. پادريءَ کي رات جي ماني باوقار طريقي سان کارائي وئي ۽ سندس عيسائي دوستن کي آخري دفعو ساٿس ملڻ جي اجازت ڏني وئي، جڏهن تہ روڊ ۽ رستا بيشمار مذهبي ماڻهن سان ڀريل هيا ۽ اُهي پنهنجي روحاني پيءُ جو، لاءِ مضطرب ۽ منتظر هيا.[86] صبح جو هو مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ پيش ٿيو، جنهن سائپرين جي نالي ۽ حالتن کان پاڻ کي آگاهہ ڪيو ۽ ڪيس حڪم ڏنو تہ هو پنهنجي قرباني ڏئي ۽ ڪيس ياد ڏياريو تہ پنهنجي نافرمانيءَ جا نتيجا ڏسي ۽ هاڻي انهن کي پوڳي. سائپرين پنهنجي انڪار ۾ مضبوط ۽ مستحڪم هو، ۽ مئجسٽريٽ، جڏهن هن پنهنجي ڪائونسل جو مشورو ورتو، تہ هن موت جو حڪم ڪجهہ هيڪي ۽ ڇڙ مجبور رڻي صادر ڪيو. اهو حڪم هنن لفظن ۾ ڏنو ويو هيو: "تہ ٿئسيس سائپرئينس جو سِرُ فورن ڏڙ کان جدا ڪيو وڃي، جيئن تہ هو روم جي ديوتائن جو دشمن هو: ۽ مجرمن جي ائسوسئيشن جو وڏو ليڊر هو ۽ هن لالچ ذريعي مانائتن ۽ محترم شهنشاهن وٽليرين ۽ گئلئينس جي قانونن جي خلاف ناپاڪ رکاوٽون وڌيون هيون"[87] سندس موت جو منظر پُرسڪون هو ۽ آزاريندڙ نہ هو ۽ نہ وري ڪارٿيج جي پادري کان هن کي اذيتن پهچائڻ جي منظوري ورتي وئي هئي ۽ نہ سندس اصولن تان ڦرڻ لاءِ ڪيس چيو ويو هو ۽ نہ وري سندس ٻين ساٿين جي ڏَس پتي لاءِ مٿس زور پريو ويو هو.

جيئن ئي سندس موت جو فيصلو ڏنو ويو تہ هڪدم دانهون شروع ٿي ويون: "اسان ٻہ ان سان گڏ مرنداسين." اهي آواز عيسائين جي وڏي ميڙ منجهان اٿڻ لڳا جيڪي محلات جي گيٽ جي ٻاهران جمع ٿي ويا هيا. سندن جوش ۽ ولولي جو وسڪارو ۽ سندن محبتون هاڻي نہ تہ سائپرين لاءِ ڪنهن ڪم جون هيون نہ وري اُنهن لاءِ خطرناڪ هيون. ڪيس مئجسٽريٽن ۽ منهندارن جي حفاظت ۾ موت جي جڳهہ تي وٺي ويا جنهن ۾ ڪٿي نہ تہ ڪا رکاوٽ ڪين پيش

آئي نہ سندس بيعزتي ڪئي وئي. موت وارو هنڌ ڪشادو، سڏو سنئون ۽ شهر جي ويجهو هو جيڪو اڳ ۾ ئي بيشمار تماشبينن سان پرجي چڪو هو. سندس وفادار نائب پادرين ۽ راهبن کي اجازت ڏني وئي هئي تہ پنهنجي معزز پادريءَ سان پلي گڏجي هلن. اُنهن کيس مٽيَن کپڑن کي لهرائڻ ۾ سندس مدد ڪئي ۽ ريشم کي زمين تي وڇايو ويو تہ جيئن سندس مقدس رت جي تبرڪ کي گڏ ڪري سگهجي ۽ کين حڪر مليو تہ جلاد کي پنجويهہ سون جا ٽڪرا ڏنا وڃن. شهيد هاڻي پنهنجو چهرو پنهنجن هٿن سان ڍڪيو ۽ هڪڙي ئي ڏڪ سان سندس سِرُ جسم کان ڌار ٿي ويو. سندس لاش ڪجهہ دير لاءِ ٻاهر رکيو رهيو تہ غير يهودي عبرت وٺن: پر رات جو ان کي اتان هٽايو ويو ۽ هڪ فتح واري جلوس ۾ کيس کنيو ويو ۽ شاندار روشنين ۾ عيسائين جي قبرستان ۾ کيس پهچايو ويو. سائپرين جي ڪفن دفن کي عوامي رنگ ۾ ملهايو ويو جنهن ۾ روم جي مئجسٽريٽن کابہ رڪاوٽ نہ وڌي ۽ جيڪي عقيدتمند هيا جن سندس خدمتون ڪيون هيون ۽ جيڪي کيس هاڻي ياد ڪري رهيا هيا. اُهي ڪنهن بہ جاڄ يا سزا کان آزاد هيا. اها ڳالهہ غور طلب آهي تہ آفريڪا جي صوبي ۾، پادرين جي بيشمار تعداد منجهان، سائپرين ئي پهريون ماڻهو هو جنهن کي ان قابل سمجهيو ويو تہ هو اڪيلو ئي شهادت جي تاج پائڻ جو حقدار هو.[88]

اهو سائپرين تي ڇڏيل هو تہ هو يا شهيد جو موت مري يا وري مرتد جي حيثيت ۾ زندهہ رهي، پر ان چُونڊ ڪرڻ تي فقط ہہ رستا هيا: وقار يا ذِلت! ڇا اسان اهو سمجهون تہ ڪارٿيج جي پادري عيسائي مذهب فقط پنهنجي لالچ پوري ڪرڻ ۽ مطلب تارڻ لاءِ اختيار ڪيو هو: اهو ايڏا تائين هن تي لازم هو تہ هو عمل بہ اُهو ڪري جيڪو ڪردار ظاهري طرح هن اختيار ڪري رکيو هو:[89] ۽ جيڪڏهن وٽس ٽورڙو بہ ڏيرج ۽ دوراندیشي هئي تہ هو پلي پاڻ کي خطرن ۾ اڌيتن جي مُنهن ۾ وجهي ڇڏي بحاءِ ان جي جو پنهنجي سڄي زندگي جي ناموس کي داؤ تي لڳائي ڇڏي ۽ پنهنجن عيسائي پائرن جي نفرت ۽ غير يهودي برادريءَ لاءِ پڻ ڏڪار جي علامت بڻجي وڃي. پر جيڪڏهن سائپرين جي جوش ۽ جذبي کي سندس خلوص ۽ سچَ واري عزم ۽ اُنهن اصولن جي ٽيڪ هئي جن جي هو تبليغ ڪندو هو تہ پوءِ ان صورت ۾ شهادت جو تاج کيس پنهنجي خواهش مطابق ۽ نہ خطري يا تشدد وانگر نظر آيو هوندو. اهو ايترو آسان نہ آهي تہ پادرين جي فضول ۽ بلاغت وارين تقريرن منجهان کي خاص خيال يا نقطا ڪيڻ وڃن يا دائمي عظمت ۽ خوشيءَ جو ڪو تعين ڪري سگهجي جنهن جو هنن يقين مان اُنهن ماڻهن سان واعدو ڪيو هو جيڪي شايد ايڏا خوش نصيب هيا جو اُهي مذهب جي راهہ ۾ پنهنجو خون وهائي شهادت جو مرتبو ماڻن.[90] آهي دماغن ۾ اها ڳالهہ وڏي زور سان ويهاريندا هيا تہ شهادت جو رت هر نقص کي ڏوئي ٿو ڇڏي ۽ هر گناهہ جي معافي وٺي ٿو ڏئي: ۽ جڏهن تہ عام رواجي عيسائين جا روحَ پاڪائيءَ لاءِ ڀرائيءَ ۽ تڪليفن واري سرشتي مان گذرندا تہ اُتي سوپ ماڻيندڙ ڏکن سورن وارا بنادير وجي منزل مقصود ۽ دائمي رحمتن جي ديس ۾ پهچندا، جتي هو بزرگن ۽ وڏڙن جي سنگت ۾، حوارين جي قرب ۽ پيغمبرن جي چپر چانو ۾ هوندا، حضرت عيسيٰ (ع - س) سان گڏ حڪومت ڪندا ۽ انسانذات جي آفاقي فيصلي واري ڏينهن سندس مددگار هوندا. هن زمين تي دائمي شهرت ماڻڻ جو يقين، جيڪو نيڪ انسانن جي ڪمزوري هوندو آهي، شهادت جي رتبي تي پهچڻ جي خواهشمندن لاءِ کين همت ڏيارينڊ ۽ اتساهيندڙ هيو. جيڪي اعزاز روم يا ايٿنس اُنهن شهرين کي ڏنا، جيڪي پنهنجي لاءِ قربان ڪيا هيا، اُهي رڳو نالي ۾ عزت وارا هيا پر اُنهن ۾ اُها

گرمجوشي بنهه کانه هئي جيڪا اوائلي ڪليسا پنهنجن مذهب جي مقصد ۾ سوپ ماڻيندڙن کي عطا ڪئي ۽ اهو اعزاز حاصل ڪندڙن ۾ وڏو احسانمندي ۽ پاڻ اڳتي جو جذبو هر وقت موجود رهندو هو. هر سال سندن نيڪي، خوش اخلاقي ۽ سندن ڏکن ۾ تڪليفن جي ياد کي عزت ۽ احترام سان ملهايو ويندو هو جيڪو آخر ۾ گڏيل مذهبي عبادت تي وڃي ختم ٿيندو هو. عيسائين ۾ جن ڪُلئي عام پنهنجن مذهبي اصولن جو اعتراف ڪيو هو يعني اُهي (جيئن اهو اڪثر ٿيو) جن کي عدالتن منجهان خارج ڪيو ويو هو يا بي دين مئجسٽريٽن جي قيد مان آزاد ڪيو ويو هو تہ اهڙن ماڻهن کي ئي اعزازن سان نوازيو ويو ڇو تہ اُهي انڪري ڪين ڏنا ويا هيا جو اُنهن جي شهادت ايڏا اٽپوري ۽ عزم ۽ ايڏا پختو ۽ پڪو نہ هو، جيڪي بيحد پاڪدامن عورتون هيون اُنهن ان ڳالهہ جي اجازت ورتي هئي تہ هو اُنهن ٻڙين ۽ زنجيرن تي پنهنجون چُميون نقش ڪري ڇڏين جيڪي ڪين پارايا ويا هيا يا جيڪي زخر ڪين رسايا ويا هيا. سندن وجود کي پاڪ تصور ڪيو ويندو هو. سندن فيصلن کي عزت ۽ احترام سان مڃيو ويندو هو. ۽ اُنهن کي خود ان ڳالهہ تان ڇڙ ايندي هئي تہ سندن روحاني فخر ۽ جذبا اُپاريندڙ طريقن ڪين مٿاهون بنائي ڇڏيو هو ڇو تہ سندن صاف جوش جذبن ۽ بهادري اهي اعزاز ماڻيا هيا.[91] هن قسر جا فرق ۽ امتياز هڪ طرف اُهي پنهنجين مٿاهين لياقتن کي ظاهر ڪن ٿا تہ بي طرف اُنهن تورڙن ماڻهن جي قدر کي ڪجهہ گهٽائن ٿا جن کي تڪليفون آيون ۽ جيڪي عيسائيت جي مذهب لاءِ قربانيون ڏئي مري ويا.

هن دوُر جي هڪ معياري راءِ پهريَن عيسائين جي جذباتيت جي تعريف ڪرڻ بدران انجي مذمت ڪندي، پر جي تعريف ڪندي تہ ان روَش جي ڪاپي نہ ڪندي، ڇو تہ سلپيسيَس سيورَس جي هڪ خوش مزاجي واري جملي مطابق تہ عيسائي شهادت جي خواهش ان حد تائين رکڻ لاءِ آتا ٿي نظر آيا جو اُهي پنهنجن اُنهن همعصرن کان بہ وڌيڪ بي صبرا هيا جيڪي وري پادريءَ جي عهدي تائين پهچڻ جا آرزومند هيا.[92] جيڪي تحريرون اگنٽيَس ان وقت لکيون آهن جڏهن ڪيس زنجيرن ۾ جڪڙي ايشيا جي شهرن منجهان ان کي گذاريو ٿي ويو تہ اُنهن ۾ ڪجهہ اهڙا جذبات آندل آهن جيڪي انساني فطرت جي بلڪل اُبتڙ آهن. هو رومين کي منت آزيون ڪندي ڪين چوي ٿو تہ جڏهن ڪيس نمائش ۾ ماڻهن جي آڏو آندو ويندو تہ اُهي پنهنجي خاص مهرباني ۽ بي وقتي سفارش ذريعي ئي سهي، عظمت جي تاج پارائڻ کان ڪيس محروم نہ ڪندا ۽ هو پنهنجي عزم ۽ واعدي جو پڪو اظهار ٿو ڪري تہ هُو پاڻ جهنگلي وحشي جانورن کي چيڙائي ڪين کاوڙ ڏيارينڊو ڇو تہ اُهي ئي شايد اُتي سندس موت جا داروغا هوندا.[93] ڪجهہ شهيدن جي باري ۾ اهڙيون ڪهاڻيون واقعي ٻڌڻ ۾ آيون آهن جيئن اگنٽيَس پنهنجي خواهش جو اظهار ڪيو هو، يعني شهادت جي اُنهن خواهشمندن، شينهَن جي کاوڙ کي تيش ۾ آندو هو. جَلاد کي سندس ذميندارين ياد ڏياري هئي تہ هو پنهنجي ڏيوٽي پوري ڪرڻ ۾ جلدي ڪري، خوشيءَ سان ڇيون ڏيندڙ باهہ ۾ ٽپ ڏنو هٿائون جيڪا سندن ساڙڻ لاءِ ٻاري وئي هئي، ۽ اهڙي عذاب ۽ اذيت جي موقعي تي بہ پنهنجي طرفان خوشي ۽ مسرت جو تاثر ڏنو هيائون، اهڙن بيمثال جذبن جا ڪيترائي مثال محفوظ ڪيا ويا آهن جن ۾ اُنهن رکاوٽن تي بيصبري ظاهر ڪئي وئي آهي جيڪي شهنشاهن ڪليسا جي حفاظت لاءِ اختيار ڪيون هيون. ڪڏهن ڪڏهن عيسائين پاڻ هرتُو اقرار ناما جاري ڪيا جنهن مطابق هنن ٻڌايو تہ مٿن الزام هٽندڙ ظاهري طرح تہ ڪو بہ نہ هو. لادينين جي ڪمن ۾ لاپرواهي مان هنن گڙٻڙ پيدا ڪئي[94] ۽

مئجسٽريٽن جي عدالتن جي ارد گرد وڏي تعداد ۾ پکڑجي ويا ۽ اُنهن کي چيائون تہ فورن هو انصاف مطابق پنهنجو فيصلو صادر ڪن. عيسائين جو ڪردار ۽ تمام نمايان هو جن تي قديمي فيلسوفن کا ٽيڪا ٽپڻي نہ ڪئي آهي پر ان تي کين حيرت تہ گهٽ تي آهي پر کين افسوس آهي تہ سندن تعريف ۽ گهٽ تي آهي. اُهي ڪنهن ۽ مقصد يا ڪُوڙهي ڳالهہ کي سمجهڻ جي لائق ئي نہ هيا جيڪا عقيدت رکندڙن جي سوچ کي دُور انديشي ۽ دليلن جي سرحد کان ۽ اڳتي وڌي ويندي آهي: پر هُو مرڻ جي خواهش کي ۽ ضِد ۽ هو ڏَجي انتها تائين وڌي تي ويا جنهن کي سندن حماقتن جي چريائپ يا وهمن وسوسن جو زوردار اوهر چئجي تہ غلط نہ ٿيندو.[95] "بدقسمت ماڻهو!" حيرت مان ائٽونينس ايشيا جي عيسائين کي چيو: بدقسمت ماڻهو! جيڪڏهن توهان زندگيءَ مان ائين ۽ ايترا بيزار تي پيا آهيو تہ ڇا توهان جي لاءِ اهو ڏکيو آهي تہ رَسا يا نوڙ لهي سگهو ۽ ڪنهن جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي وڃو؟"[96] هو ڏاڍو محتاط هيو (جيئن هڪ وڏي عالم ۽ نيڪ تاريخدان مشاهدو ڪيو آهي) اُنهن ماڻهن کي سزا ڏيڻ ۾ جن تي الزام لڳائيندڙ اُنهن جي پنهنجي ذات کانسواءِ ٻيو ڪو ۽ نہ هو: شاهي قانون موجب اهڙي گنجائش ڪٿي ۽ ڪانہ هئي تہ بغير الزام جي ڪنهن کي سزا ڏني وڃي. تنهنڪري ڪجهہ ماڻهن جي تمام گهڻي مذمت ڪندي. تہ جيئن کين ڪجهہ آئيندہ لاءِ تنبيهَ هجي تہ پنهنجن ٻين پائرن کي ۽ هو سمجهائن. هن سڀني ماڻهن کي ڪاوڙ ۽ نفرت مان چڏي ڏنو تہ هليا وڃن.[97] هن جائز يا مصنوعي نفرت جي باوجود عقيدتمندن جو بهادريءَ وارو لڳاءُ اُنهن ماڻهن تي سڻ ۽ اُميد افزا نتيجن ڏيڻ وارو ثابت ٿيو جن کي طبيعت يا فطرت اهڙي پاڻ واري ملي هئي جو اُنهن مذهب جي سچائيءَ کي آسانيءَ سان حاصل ڪري ورتو. اهڙن ڏڪ وارن موقعن تي غير يهودين ۾ ڪيترا ئي ماڻهو اهڙا هيا جن کي رحم آيو. جن ساراهيو ۽ جن بنادير نئون مذهب ۽ قبول ڪري ورتو. جوش ۽ جذبا وڏي فراخدليءَ سان سزا يوگيندڙن کان تماشبينن تائين پهچي ويا: ۽ شهيدن جي رَت. هڪ مشهور مشاهدي موجب. ڪليسا جي لاءِ بيجَ جو ڪر ڪيو.

جيتوڻيڪ جانثاريءَ جو جذبو مٿاهون هيو . ۽ ڳالهائڻ جي ڪمال ذريعي جذبن کي پڙڪايو ٿي ويو. پر پوءِ پي جيڪا ڳالهہ سندن دماغن ۾ گهُر ڪري ويهي رهي هئي. ان آهستي آهستي انسان جي دل ۾ فطري اُميدون ۽ خوف خطرا. جيئن زندگيءَ سان پيار. تڪليفن ۽ اذيتن جو خطرو ۽ مرڻ جو پئو. پيدا ڪري چڏيا. ڪليسا جي ڪجهہ دوراندیش حاڪمن اهو ضروري سمجهو تہ پنهنجن عقيدتمندن جي فضول جذبن جي گرمجوشيءَ کي روڪين ۽ اهڙي روَش تي هرگز اعتبار نہ ڪن جن کين آزمائش جي گهڙيءَ ۾ هر وقت ڏَڪ پئي ڏيو هو.[98] جيئن جيئن مذهبي ماڻهن جي حياتين مان نفس مارڻ ۽ سادگي اختيار ڪرڻ جو روح ختر ٿيندو رهيو تہ اُهي شهادت جي اعزاز ماڻڻ جي مقصد ۽ مُراد کان ۽ روز بروز پنڌتي هٽندا ويا ۽ حضرت عيسيٰ (ع - س) جا سپاهي. بهادري ۽ جانثاريءَ جي پاڻمرادن ڪارنامن ۾ نالو پيدا ڪرڻ بدران. اڪثر ڪري پنهنجون ڏيوٽيون چڏيندا رهيا ۽ دشمن جي اچڻ تي. مقابلي ۽ مزاحمت ڪرڻ جي بجاءِ. پاڙي تي پهچندا ۽ ذليل ٿيندا رهيا. تڪليفن ۽ اذيتن جي عذاب کان پهچڻ جا ٽي طريقا هيا جن کي هڪ جيتري الزام جي احساس سبب اختيار نہ ٿي ڪيو ويو. پهريون جذبو گهٽو ڪري معصوميت وارو هو جنهن جي ڪنهن حد تائين اجازت ۽ هئي: ٻيو مشڪوڪ پر معاف ڪرڻ جهڙو هو ۽ ٽيون تہ سڌو سنئون عيسائي مذهب کي چڏي مرتد ٿين واري ڏوهہ ۾ شامل ٿيڻ وارو طريقو هو.

1. هڪ جديد تحقيقات ڪنڊ ڪي اهو ٻڌي حيرت ٿيندي ته جڏهن به روم جي مئجسٽريٽ ڪي ڪا معلومات ڪنهن اهڙي ماٺهوءَ بابت ڏني ويندي هئي جيڪو سندس عدالتي حدن اندر هوندو هو ۽ جنهن عيسائي مذهب اختيار ڪري رکيو هو ته اُهو الزام، لاڳاپيل ماٺهوءَ تائين پهچايو ويندو هو، نه رڳو ايترو پر ڪيس مناسب وقت ۾ ڏنو ويندو هو ته جيڪڏهن ڪيس کي گهريلو مسئلا هيا ته اُهي پاڻ حل ڪري وٺي ۽ ان ڏوهه بابت اطمينان سان جواب تيار ڪري وٺي جنهن جو الزام مٿس مڙهيو ويو هيو.[99] جيڪڏهن ملزم کي پنهنجي مستحڪر مزاجيءَ بابت کي شڪ هيا ته ڏنل وقفي کيس موقعو ڏي ڏنو ته پنهنجي زندگي ۽ عزت بچائڻ خاطر پاڻ کيڏانهن هليو وڃي يا ڪنهن پرانهين پنڊ واري صوبي ۾ وڃي لِڪي ۽ صبر سان ان وقت جو ويهي انتظار ڪري جڏهن کيس امن ۽ سلامتيءَ جو يقين ٿي ويندو. هڪڙو طريقو، جيڪو دليل جي بلڪل ويجهو ٿي نظر آيو، جنهن جي منظوري تمام نيڪ پادرين ۽ سردارن پنهنجن مشورن ۽ مثالن ذريعي ڏني هئي جنهن جي مانٽئنسٽس ڪانسواءِ ٻين ڪجهه ماٺهن مذمت ڪئي جيڪي گمراهه ٿي تفرقي بازي ڏانهن رجوع ڪيا چاڪاڻ ته اُهي قديمي نظم ۽ ضبط کي برقرار رکڻ ۾ پنهنجن اُٽيٽ اصولن ۾ تمام سخت ۽ هٺيلا هئا.[100] 2. صوبائي گورنرن جن جو جذبو سندن لالچ کان گهٽ نمايان هو، سرٽيفڪيٽن جي وڪري ٽيڪ جو مشاهدو ڪيو هو (يا توهين آميز تحريرون جيئن اُنهن کي ڪوٺيو ويندو هو) جن مان ثابت ٿي ٿيو ته جيڪي ماٺهو اُنهن ۾ بيان ڪيا ويا هيا اُنهن قانون جو احترام ڪيو هو ۽ روم جي ديوتائن وٽ قربانيون ڏنيون هيون. انتهائي غلط بيان پيش ڪندي، شاهوڪار پر بزدل عيسائين کي موقعو ملي ويو ته چغل خور جي ڪدورت کي خاموش ڪري ڇڏين ۽ ڪنهن حد تائين پنهنجي حفاظت کي مذهب سان لاڳو ڪري ڇڏين. هن ڳندي ڊوُنگ يا مڪر لاءِ توبهه جو ڪفارو ٿي ادا ڪرڻو هو.[101] 3. هر تڪليف يا اذيت ۾ ڪيترائي عيسائي اهڙا هيا جن ماٺهن جي ميڙ آڏو پنهنجو اُهو مذهب ڇڏيو جيڪو اڳ انهن اختيار ڪيو هو ۽ ان جي تصديق ۾ قسم کنيائون ته واقعي هو پنهنجي مذهب ڇڏڻ ۾ مخلص هيا، ان جي ثبوت ۾ هنن لوبان ٻارڻ ۽ قربانيون ڪرڻ ڇڏي ڏنيون، هنن مان ڪجهه مرتدن ته مئجسٽريٽ طرفان ٿورڙو زور ۽ برداشت نه ڪيو جڏهن ته جيڪي وڌيڪ صبر ڪندڙ هيا ته اُنهن جڏهن وڌيڪ تڪليفون ۽ اذيتون سٺيون ته اُهي به مذهب کان ڦري ويا. ڏنل چهرن منجهان سندن ضمير جي ملامت صاف ظر اچي رهي هئي، جڏهن ته ٻيا اعتماد ۽ ڏڻائي مان ديوتائن جي قربانگاهن ڏانهن هليا ويا.[102] پر جيڪو خوف لِڪ ڇپ ۾ طاري رهيو اُهو گهڻو وقت نه رهي سگهيو. جيئن اذيتن جو ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ ڪجهه ڏرو ٿيو ته ڪليسائن جي دروازن تي وري بيشمار پڇتائيندڙ عيسائين جو حملو ٿي ويو جن پنهنجي بت پرستي واري روَش ۾ نه رڳو پنهنجي پشيماني جو اظهار ڪيو بلڪ ان کان نفرت پڻ ڪيائون ۽ ساڳين جذبن جي گرمجوشيءَ ۽ ڇاهه واري ڪاميابيءَ سان ٻيهر عيسائين جي سوسائٽيءَ ۾ داخل ٿي ويا.[103]

IV . عيسائين جي سزائن بابت مجيل قانون جي باوجود، هڪ وڏي ۽ هڪ طرفي حڪومت ۾، اُنهي فرقي وارن جي قسمت، اڃا تائين گهڻي پاڳي سندن پنهنجي ڪردار ۽ روَين تي مدار ٿي رکيو. انڪانسواءِ وقت جي حالتن ۽ مٽائهن توڙي ننڍن حاڪمن جي مُوڊ، مزاج ۽ طبيعتن جو به ان ۾ گهڻو دارومدار هو. لاديئِن جي وهمن کي ڪڏهن ته جوش گهڻو گرمائي ۽ تيز ڪري ڇڏيندو هو ۽ ڪڏهن وري ساڳي جوش کي سندن دوراندیشي ۽ هوش ماڻارو ٻه ڪري ڇڏيندو هو. صوبائي گورنرن جا به عجيب ۽ نرالا مقصد هوندا هيا ۽ اِهو سندن مرضيءَ تي ڇڏيل هوندو هو ته پنهنجن

ٿي قانونن کي يا تہ فورن لاڳو ڪري ڇڏين يا اُنهن ۾ نرميون لاڳو ڪن: ۽ انهن مقصدن مان سندن وڏيڪ زور نہ رهڳو عوامي فيصلن بابت هوندو هو پر شهنشاهہ جي ڳُجهن ۽ پراسرار ارادن تي بہ هوندو هو. جنهن جي اک جي اشاري سان اذيتن ۽ عذابن جا شعلا يا تہ هري پوَندا هيا يا وري وسامي ويندا هيا ڇو تہ سڀ ڪجهہ سندن طبيعت جي روَش تي مدار رکندڙ هو. جيئن اڪثر ڪري، شهنشاهت جي ڪنهن بہ حصي ۾ جيڪڏهن ڪي سختيون ڪيون ويندیون هيون تہ اوائلي عيسائي ان تي ماتم ڪندا هيا ۽ پنهنجين تڪليفن کي گهٽو وڌائي پيش ڪندا هيا پر جيڪي وڏيون اذيتون آهن تہ اُنهن جو تعداد، پنجين صدي عيسوي جي ڪليسائي ليکڪن طرفان فقط ڏَهہ ڇاڻايو ويو آهي، جن کي نيرو ڪانوني ڊائڪليشين تائين ڪليسا جي معاملن بابت وڏيڪ ۽ واضح ڄاڻ هئي. ڏهانت واري هڪ جهڙائي، جيئن ڏَهہ مصر جون وبائون ۽ اٽپوڪٽلپس جا ڏَهہ سِڱَ، پهريون سندن دماغن ۾ داخل ٿي، ۽ ان ڪوشش ۾ تہ پيشنگوئي جي عقيدي کي تاريخ جي سَچ ڏانهن منتقل ڪجي، اُهي پنهنجين حڪومتن بابت وڏيڪ خبردار ۽ محتاط هيا ڇو تہ سندن حڪومتن جا دوُر ٿي عيسائيت جي مقصدن کي ماڻڻ لاءِ وڏ ۾ وڏ هاڃيڪار هيا.[104] پر هنن عارضي تڪليفن عقيدتمندن جي جوش کي ٻيهر جياريو ۽ سندن نظر ۽ ضبط کي بہ واپس ورايو ۽ حد کان وڌيڪ تڪليفن جي گهڙين جو ازالو بعد واري امن امانَ ۽ حفاظت جي هڪ ڊگهي عرصي دوُران ٿي ويو هو. ڪجهہ شهنشاهن جي ناروا سلوڪ ۽ ٻين جي اوترين ٿي مهربانين سبب عيسائين تي هڪ سنو دوُر آيو جنهن ۾ هنن قانوني تہ نہ پر حقيقي، عوامي ۽ ذاتي خوشيون ٿي ملهايون ۽ پنهنجي مذهب جي برداشت بابت بہ هو هاڻي مطمئن هيا.

ٽرٽولين جو معافي نامو ٻن تمام قديمي، انتهائي اهم، پر ساڳي وقت شاهي رحمدليءَ جي مثالن بابت مشڪوڪ آهي: ٽائبيريَس ۽ مارڪَس اينٽونينس جيڪي فيصلا ڇاپيا آهن، جن جو مقصد عيسائين جي بيگناهيءَ جي نہ رهڳو فقط حفاظت ڪرڻي آهي پر اُنهن شاندار معجزن جو بہ اعلان ڪرڻو آهي جن سندن اصولن جي سچائيءَ جي تصديق ڪري ڇڏي. انهن منجهان پهرئين مثال ۾ ڪجهہ تڪليفون ۽ پيچيدگيون آهن جيڪي هڪ تجسُس ڪندڙ دماغ لاءِ ممڪن آهي تہ ڪجهہ مونجهارو پيدا ڪن.[105] اسان کي ان ڳالهہ ۾ اعتبار ڪرڻ گهرجي تہ پونٽيَس پائليٽ شهنشاهہ کي ٻڌايو تہ هن هڪ بيگناهہ ماڻهوءَ جي خلاف هڪ ناجائز ۽ ناحق جو فيصلو ٻڌايو هو ۽، جيئن پوءِ ظاهر ٿيو، هڪ خدائي ماڻهو اوچتو ظاهر ٿيو ۽ پاڻ کي شهادت جي خطري جي مُنهن ۾ ڪٽي وڌائين: ٽائبيريس، جنهن کي سيبي مذهبن کان نفرت هئي، کي هڪدم هڪڙي رِڻَ سمجهہ ۾ آئي جنهن مطابق هن يهودين جي مسيحا کي روم جي ديوتائن سان رکي ڇڏيو، ۽ سندس غلام سينيٽ پنهنجي مالڪ جي حڪمن کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو: ۽ ٽائبيريس سندس انڪار تي ناراض ٿيڻ جي بجاءِ، پاڻ کي ان ڳالهہ تي راضي ڪيو تہ عيسائين کي قانون جي سختيءَ کان بچايو ويجي: اهو واقعو انهن قانونن جي ٽهڻ توڙي چرچ جي نمايان وجود اختيار ڪرڻ کان ڪيترا سال اڳ جو آهي ۽ آخر ۾ هن زبردست معاهدي کي ماڻهن جي تمام مستند دستاويزن ۾ محفوظ ڪيو ويو. جيڪو يونان ۽ روم جي تاريخدانن جي معلومات کان تہ ٻِڪل رهيو پر آفريڪي عيسائين جي اکين فقط انکي ڏٺو ٿي، جنهن ٽائبيريَس جي مرڻ کان هڪ سؤ ست سال ڪانپوءِ پنهنجو معافي نامو لکيو هو. مارڪَس اينٽونينَس جو فرمان سندس ٿي پاڻ اڳيڙ واري جذبي جو اثر آهي تہ ساڳي وقت پنهنجي نجات جي احسانمندي جو نتيجو پڻ آهي جيڪا هن مارڪومنِڪ جي

جنگ ۾ حاصل ڪئي هئي. فوجين جي تڪليف، مينهن، ڳڙي گجگوڙن ۽ ڪنوٽين جو مُندائتو طوفان ۽ بربرن جي شڪست ۽ مايوسي وغيره کي ڪيترن ئي لادين ليکڪن لکيو ۽ ان کي ساراهيو آهي. جيڪڏهن فوج ۾ ڪجهه عيسائي هجن ها ته اهو فطري ٿو لڳي ته اُهي به اُنهن جذباتي دعائن ۾ شريڪ هجن ها، جيڪي، خطري جي گهڙين ۾، اُنهن اڳ پنهنجي ۽ جڳ جي حفاظت ۽ سلامتيءَ لاءِ گهريون هيون. ۽ اسانکي ايا تائين، پٽل ۽ قيمتي پٿر جي يادگارن، شاهي تمغن، ۽ ائٽنن جي قانون جو يقين ٿو ڏيارين وڃي ته نه شهنشاهه ۽ نه وري ٻين ماڻهن کي هن اهم فرض شناسيءَ جو ڪو احساس هو چو ته هو پنهنجي نجات کي، گڏيل راءِ موجب، جوپيٽر ديوتا جي قدرت ۽ احسانَ ۽ ديوتائن جي قاصد مرکري جي مداخلت جو نتيجو سمجهن تا. پنهنجي حڪومت جي سڄي دؤر ۾ مارڪس هڪ فيلسوف جي حيثيت ۾ عيسائين کان نفرت ڪندو رهيو ۽ هڪ حاڪر جي حيثيت ۾ کين خوب سزائون ڏنائين.[106]

هڪ نمايان موتمار حادثي سبب، جيڪي تڪليفون ۽ مشڪلاتون هنن هڪ نيڪ شهزادي جي حڪومت جي دؤر ۾ سَٽيون هيون، اُهي هڪ آمر جي تخت نشينيءَ شرط ختر ٿي ويون ۽ مارڪس جي بي انصافين جي ڏکي دؤر مان به هو پاڻ ئي گذريا هيا، تنهنکري فقط اُهي ئي ڪموڊس جي نرم روَيي مان سلامت رهيا هيا. جڳ مشهور مرسيا، جيڪا سندس ڪوڙ سارين سُريتُن منجهان سڀني کان وڌيڪ کيس پياري هئي ۽ جنهن وري نيٽ پنهنجي عاشق شهنشاهه کي قتل ڪرائڻ جي سازش به ڪئي هئي، ڪليسا جي لاءِ پنهنجي طرفان تمام گهٽي عقيدي ۽ احترام جو مظاهرو ڪيو، ۽ توڙي جو اهو هن لاءِ ناممڪن هو ته هوءَ پنهنجي گناهن ۽ فطري ڪمزورين کي عيسائي مذهب جي اصولن مطابق بنائي، پوءِ به هن پاڻ کي عيسائيت جو سرپرست بنائي ڇڏيو ته مَن انهيءَ ناتي سان هو پنهنجين جنسي ڪمزورين ۽ ان پيشي سان لاڳاپيل گناهن جو ازالو يا ڪفارو ادا ڪري سگهي.[107] مرسيا جي مانائتي چپڙ چانَو ۾ هن ظلم جي دؤر ۾ به سڄا سارا تيرهن سالَ سڪون ۽ سلامتيءَ سان گذاريا ۽ جڏهن شهنشاهت سيورَس جي خاندان هيٺ قائر ٿي ته هنن نئين شاهي محل سان به گهريلو ۽ عزت وارا لاڳاپا قائر ڪري ورتا، شهنشاهه کي يقين ڏيارين ويو هيو ته سندس خطرناڪ بيماريءَ ۾، کيس اُن پاڪ تيل مان جسماني شفايابي توڙي روحاني سڪون ميسر ٿيو هو جنهن سان هڪڙي غلام سندن مالش ڪئي هئي. هو اُنهن سڀني ماڻهن - مردن توڙي عورتن کي، نمايان حيثيت ڏيندو هو جن نئون مذهب اختيار ڪيو هو. ڪئراڪالا جي نرس توڙي استاد ٻئي عيسائي هيا، ۽ جيڪڏهن ان نوجوان شهنشاهَ انسانيت جي ڪنهن جذبي سان دوکو ڪيو هو ته اُهو هڪ تمام معمولي واقعي سبب ٿيو هو. جنهن جو ٿورو يا گهٽو تعلق عيسائيت سان هيو.[108] سيورَس جي حڪومت ۾، عام ماڻهن جي ڪاوڙ ۽ ناراضگين کي روڪيو ويو. قديم قانون جي سختيءَ کي ڪجهه وقت لاءِ هٽايو ويو ۽ صوبائي گورنر اُنهن ڪليسائن طرفان سال بسال موڪليل تحفا يا سوڪڙيون وصول ڪري مطمئن ٿيندا هيا جيڪي سندن انتظامي حدن اندر هوندیون هيون. هي تحفا يا سوڪڙيون، شهنشاهَ، پنهنجي اعتدال پسندي ۽ عوام سان نرمي واري هلت چلت جي عيوض قيمت طور يا انعام جي حيثيت ۾ ونڊندا هيا.[109] اِيسٽر (حضرت عيسيٰ - ع - س جي ٻهر جنم ونڊ جي مبارڪ ڏينهن) جي صحيح وقت جي ملهائڻ بابت شديد اختلاف ايشيا ۽ اٽلي جي پادرين کي هڪ ٻئي جو سخت دشمن بڻائي ڇڏيو، جنهن کي هن فرصت ۽ سُڪون جي وقت ۾، تمام اهر ڪر ڪوڙيو ويو جنهن طرف ضروري ڌيان ڏيڻو هو.[110] جيستائين نوَن مذهب قبولينڊڙن

جي گهٽي تعداد شهنشاهه سيورَس جو توجهه نه ڇڪرايو هو ۽ سندس دماغ ۾ ڪي ناخوشگوار ڳالهيون نه ويهاريون هيون. تيستائين چرچ جي امن مان ۾ ڪو به خلل يا رڪاوٽ هرگز نه آئي هئي. عيسائيت جي ترقيءَ ڪي روڪ جي سلسلي ۾ هن هڪ اصول ڇپرايو هو. جنهن جو مقصد فقط مذهب ۾ نوَن ايندڙن کي متاثر ڪرڻو هو. پر اُن تي تيستائين سختيءَ سان عمل نه پيو ڪري سگهجي جيستائين عيسائين جي جوشيلن استادن ۽ پرچارڪن ڪي به سخت سزائن ۽ خطرن جو مُنهن ڏسڻو پوي ها. هن نرميءَ واري سختيءَ ۾ به اسان کي روم جي توڙي گهٽن خدائن جي عبادت جو روح نظر اچي ٿو. جنهن اُنهن ماڻهن جي حق ۾ هر ان ٻهاني کي قبول ڪري ورتو آهي جيڪي پنهنجن ابن-ڏاڏن جون مذهبي رسمون جذبي ۽ عقيدت سان ملهائيندا هيا.[111]

پر اُهي قانون ۽ قاعدا، جيڪي سيورَس نافذ ڪيا هيا، شهنشاهه جي اختيارن ختم ٿيڻ شرط، پاڻ به ختم ٿي ويا ۽ هن حادثاتي طوفان ڪانپوءِ عيسائين انٽيهَن سالن تائين سُکَ جو ساهه ڪنيو.[112] هِن وقت تائين هو پنهنجين اسيمبلين جا اجلاس گهٽو ڪري پنهنجن خانگي گهرن يا ڪُنڊائتين جڳهن ۾ ڪندا رهيا هيا. هاڻي کين اجازت ڏني وئي هئي ته پلي هو وڏيون ماڙيون ۽ عمارتون تعمير ڪرائي اُنهن کي مذهبي عبادت لاءِ مخصوص ڪن ۽ انهن کي مقدس بڻائن.[113] پلي پنهنجي برادري جي پلائي ۽ بهبود لاءِ روم ۾ به زمينون خريد ڪن ۽ پنهنجن ڪليسائي وزيرن جون چوندون ڪرائين: پر اهي سڀئي ڪر اهڙي ته شانائتي طريقي ۽ مثالي نموني سان ڪيا وڃن جو غير يهودي به جيئن اُنهن کي عزت ۽ وقار جي نظر سان ڏسن.[114] ڪليسا جو هي آرام ۽ سڪون جو وقفو وڏي شان ۽ مانَ وارو هو. اُنهن شهنشاهن جي حڪومت جو دؤر، جن جو اصل نسل ايشيا جي علاقن يا صوبن مان هو، عيسائين لاءِ بيحد فائديمند ثابت ٿيو: نئين فرقي جا معزز ماڻهو، ڪنهن غلام يا سُريت کي پنهنجي حفاظت لاءِ منتون ڪرڻ جي بجاءِ، هاڻي محلات ۾ پادري يا فيلسوف جي وقار جي روپ ۾ داخل ٿيڻ لڳا ۽ سندن پُر اسرار فلسفا، جيڪي اڳوات ئي ماڻهن ۾ ڦهلجي چڪا هيا، غير محسوس ٿيندڙ طريقي سان سندن شهنشاهه جي تجسُس ۽ دلچسپيءَ جو باعث پڻ بنجي ويا. جڏهن راڻي ميميا جو ائٽنٽڪ منجهان گذرڻ ٿيو هو ته ان مشهور فيلسوف اوريجن سان ملاقات ڪرڻ ۽ ساڻس گفتگو ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري هئي جو ته ان منڪر جي علم ۽ نيڪيءَ جي شهرت اوير وارن سيني خطن تائين پکڙجي وئي هئي. اوريجن اهڙي پرڪشش دعوت کي فورن قبول ڪيو ۽ توڙي جو هن کي اها اُميد هرگز ڪونه هئي ته هو اهڙي چالاڪ ۽ ذهين عورت کان ڳالهين ٻولهين ۾ ڪٽي ويندو، بهرحال ميميا هن جي فصاحت بلاغت واري لهجي کي غور سان ٻڌو ۽ سندس هدايتن تي به غور ڪيو ۽ عزت سان ڪيس فلسطين[115] روانو ڪري ڇڏيائينس ته وڃي گوشه نشينيءَ جي زندگي گذاري. ميميا جا طور طريقا ۽ سندس جذبا سندس پٽ سڪندر (اليگزينڊر) اختيار ڪيا ۽ هُن شهنشاهه جا فيلسوفياڻا جذبا ۽ عقيدتون، عيسائي مذهب لاءِ نمايان پر انصاف تي مبني نه هيون. پنهنجي ذاتي گرجا ۾ هن حضرت ابراهيم (ع - س)، آرفيَس، اٽپولونيَس ۽ حضرت عيسيٰ (ع - س) جا مجسما سجائي رکيا هيا جيڪو سندس طرفان اهڙن بزرگ ۽ عظيم هستين لاءِ عقيدت جو نذرانو هيو جن انسانذات کي تلقين ڪئي هئي ته هو هميشه واسطي هڪ ئي آفاقي هستيءَ آڏو جُهڪن ۽ ان جي آڏو ئي پنهنجين عقيدتن احترامن جو اظهار ڪن.[116] سندن گهرَ ۽ خاندان ۾ هڪ صاف عقيدو توڙي عبادت کي ڪلئي عام اختيار ڪرڻ تي زور ڏنو ويو ۽ ان تي عمل پڻ ڪيو

ويو هو. شايد پهريون دفعو پادري پنهنجن گهرن ۾ نظر آيا ۽ سڪندر جي موت کانپوءِ جڏهن حيوان صفت ميڪسيمن. پنهنجي محسن جي خاص ماڻهن تورِّي سندس نوڪرن تي غضب واري غُصي سان ڪڙڪي پيو تہ نتيجي ۾ هر طبقي سان تعلق رکندڙ عيسائين جا بيشمار ماڻهو مرد تورِّي عورتون گڏيل قتل عام ۾ ماريا ويا ۽ هن ڪوسَ کي بعد ۾ غلط نالي يعني مذهب جي مقصد لاءِ اذيتون پوڳڻ جي لقب سان سڏيو ويو.[117]

جيتوڻيڪ مئڪسيمن جو روَيو ظالماڻو هو، پر تنهن هوندي ۾ سندس ناراضگيءَ جا اثر مقامي ۽ عارضي نوعيت جا هئا ۽ نيڪ اوريجن، جنهن جو نالو موت جي سزا پرڳيندڙن ۾ نمايان هو، کي ايجا جيئرو رهڻ ڏنو ويو. هو تہ انجيل ۽ عيسائي مذهب جو سچايون بادشاهن جي ڪَنن تائين پهچائيندو رهي.[118] کين سنوارڻ ۽ سڌارڻ لاءِ هن بيشمار خط شهنشاهه فلپ، سندس زال، سندس ماءُ ۽ بين ڏي لکيا ۽ جيئن ئي اُن شهزادي، جيڪو فلسطين جي پرپاسي ڄاڻو هو، شاهي تخت تي قبضو ڪيو تہ عيسائي دنيا کي ڇڻ هڪ دوست ۽ محافظ ملي ويو. نيئن مذهب جي عقيدتمندن طرف فلپ جي ذاتي تورِّي عوامي سطح جي مهربانين ۽ ڪليسا جي وزيرن لاءِ سندس دائمي احترام جي روَيي، ماڻهن کي اُن وقت شڪ گمانن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو تہ شايد شهنشاهه خود يي اُهو مذهب قبول ڪري ڇڏيو هو:[119] ۽ ان قصي يا ڏَندَ ڪٿا لاءِ هن ڇڻ ڪين مواد فراهم ڪري ڇڏيو هو جنهن کي بعد ۾ ايجاد ڪيو ويو هو تہ هو ان گناهه کي مڃي، پشيمان ٿي ۽ پاڪ ڪيو ويو هو جيڪو پنهنجي اڳيئن معصوم شهنشاهه جي قتل سبب ڪائنس سرزد ٿيو هو.[120] فلپ جي وڃڻ ۽ نوَن حاڪمن جي اچڻ کانپوءِ حڪومت جو نئون سرشتو لاڳو ٿيو جيڪو عيسائين لاءِ ايڏو تہ تشدد آميز ۽ ظالماڻو هو جو ڊوميٽين جي وقت کان وٺي سندن اڳين حالت کي امن، سڪون ۽ سلامتي وارو دؤر تصور ڪيو ويو تورِّي ڪٿي ان کي اُنهن سختين سان بہ پيٽايو وڃي جيڪي هنن ڊيسيَس جي مختصر حڪومت ۾ سٺيون هيون،[121] هن شهنشاهه جا گُڻَ، اسانکي سندس متعلق شڪ ڪرڻ جي اجازت نٿا ڏين تہ هو ڪنهن بدينتي واري ناراضگيءَ مان پنهنجي اڳيئن جانشين جي خاص ماڻهن تي چڙيل هو. بلڪ اها ڳالهه وڌيڪ مانائتي ۽ مڃڻ جوڳي ٿي لڳي تہ هن هڪ عزم ڪري رکيو هو تہ ماڻهن ۾ روم جا مانائتا ۽ مڃيل طور طريقا، سُٺيون ۽ نِڇ روايتون ٻيهر رائج ڪجن ۽ انڪانسواءِ سندس دلي خواهش هئي تہ سڄي شهنشاهت کي نوَن ۽ گندن وهمن وسوسن جي ذلت کان آجو ۽ آزاد ڪرائجي. وڏن وڏن شهرن جا پادري ڪجهه پنهنجي موت مٿا ۽ بين کي ملڪ نيڪالي ڏئي ڪڍيو ويو ۽ مئجسٽريٽن جي احتياط ۽ ڪڑي نظر رکڻ سبب روم جي پندتن ۽ ہاوَن کي ايندڙ سورهَن مهينن تائين ٿُين چوندن کان روڪي ڇڏيو هو: ۽ عيسائين جو اهو خيال هو تہ شهنشاهه پنهنجي تخت جي سلسلي ۾ هڪ ٻاهرئين مقابلي ۾ ايندڙ ماڻهوءَ کي تہ برداشت ڪري ويندو پر گاديءَ جي هنڌ جي ڪنهن بہ پادريءَ کي هرگز قبول نہ ڪندو.[122] ڇا اهو اندازو ڪرڻ ممڪن هيو تہ ڊيسيَس جِي ڏُورُ ڏسندڙ نظَر، عجز ۽ انڪساريءَ ۾ بہ فخر جي احساسَ کي ڳولي لڏو هجي يا وري سندس دوراندیشيءَ، روحاني دولت جي دعوائن منجهان هڪ دنياوي ۽ عارضي حڪومت جي چپ چاپ اُسرڻ کي ڏسي ورتو هجي، تہ اسان کي گهٽ حيرت ٿيندي تہ آگسٽس جي جانشينن جي پيٽ ۾ ڪيس سينٽ پيٽر جي دعويدارن کان وڌيڪ خطرو ڪرڻ گهرجي جو اُهي ئي سندس مضبوط ۽ پڪا دشمن هيا.

وٹلرين جو حڪومتي انتظام غير سنجيدو ۽ غير مستحڪم هو جيڪو روم جي محتسب جي سنجيدي مزاج جي بلڪل ابتڙ هيو. پنهنجي حڪومت جي پهرئين دؤر ۾، هو زحر ۽ نرم مزاجيءَ ۾ اُنهن شهنشاهن کان به اڳتي هليو ويو هو جن بابت ماڻهن کي شڪ هيا ته اُنهن جو تعلق عيسائي مذهب سان هيو. پر پوين ساڍن ٽن سالن جي دؤر ۾، سندس هڪ وزير، جيڪو مصر جي وهمن ۾ ورتل ۽ وکوڙيل هيو، جي صلاح ۽ مشوري تي هلندي، هن پنهنجي اڳئين جانشين ڊيسيس جي اصولن ۽ سندس سختيءَ وارن روين کي اختيار ڪيو.[123] گئلئينس جي تخت تي ويهڻ شرط شهنشاهت جي تڪليفن ۾ واڌارو ٿي ويو پر ڪليسا ۾ امن قائم ٿي ويو ۽ عيسائين کي پنهنجي مذهبي رسمن کي ادا ڪرڻ جي مڪمل آزادي ملي وئي جيڪا هڪ فرمان ذريعي عام ڪئي وئي جيڪو پادرين ڏانهن موڪليو ويو هو، جنهن موجب سندن ڪمن، ڏميدارين ۽ عام ماڻهن سان سندن روين بابت وضاحتون ڪيل هيون.[124] قديمي قاعدن قانونن کي، ڪنهن حڪم ذريعي ختم ڪرڻ بدران، بلڪل اهڙيءَ طرح وساريو ويو جڻ اُنهن جو وجود ئي ڪين هيو. (سواءِ ڪن دشمنيءَ جي ارادن ۽ نيتن جي، جن کي شهنشاهه آريلين[125] سان منسوب ڪيو ويو آهي) ۽ حضرت عيسيٰ (ع - س) جي حوارين ۽ پوئلڳن چاليهن سالن کان به وڌيڪ عرصو اهڙي خوشحاليءَ ۾ گذاريو جيڪو سندن نيڪين لاءِ وڌيڪ خطرناڪ ۽ عذابن ۽ اذيتن جي آزمائشن کان به وڌيڪ سخت هيو.

سئموسٹا جي پال جي ڪهاڻي، جنهن ائنٹئڪ جي شهري ڏيڪ کي پري ڇڏيو هو، جڏهن ته اوپر جو خطو آڊينٹس ۽ زينب جي اثر هيٺ هو، ان وقت جي حالتن ۽ روين تي ڪجهه روشني وجهي ٿو. ان مڪيه مئجسٹريٽ جي هيڏي ساري دولت ئي سندس گناهن جو ثبوت هئي ڇاڪاڻ ته اُها نه ته هن کي پنهنجن ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ ملي هئي نه وري اُها هن ڪنهن ايمانداريءَ واري هلچل مان ڪاهي هئي، پر پال، ڪليسا جي نوڪريءَ کي هڪ وڏي اُپٽ وارو ڏندو سمجهي ڇڏيو هو.[126] سندس ڪليسائي اختيارن جو دائرو پئسي ڏوکڙ ۽ لالچ سان لاڳاپيل هو. هو دولتمند ماڻهن کان تمام گهڻا چندا پيو وصول ڪندو هو جنهن مان گهڻو حصو هو پنهنجي ذاتي ۽ گهريلو خرچن تي پيو استعمال ڪندو هو. سندس تڪبر ۽ عياشيءَ واري رهڻي ڪهڻيءَ سبب، عيسائي مذهب يهودين جي نظر ۾ سخت نفرت جوڳو ٻڌجي ويو هو. سندس ڪائونسل جي بينڪ، سندس تاج ۽ اُهو شان شوڪت ۽ دٻدٻو جنهن سان هو عوام جي آڏو ظاهر ٿيندو هو، هڪ ٻاڏائيندڙ ۽ عرضدار ماڻهن جو هجوم جيڪو، سندس توجهه لاءِ منتظر رهندو هو، درخواستن ۽ عرضداشتن جو انبار جن جا هو جواب لکرائيندو رهندو هو ۽ پنهنجي ذاتي ڏنڌن ۾ سندس سدائين تڪڙ ۽ اُڀرائي جن ۾ سندس هٿ صاف نه هوندا هيا، هي اهڙيون ڳالهيون ۽ ڪيفيتون هيون جيڪي هڪ شهري مئجسٹريٽ[127] لاءِ ته شايد مناسب ٿي سگهيون ٿي پر هڪ قديمي پادريءَ جي عجز انڪساري ۽ سادگي واري صورتحال جي بلڪل برعڪس هيون. جڏهن هُو مِنبر تي چڙهي پنهنجي عوام سان هڪ ڏگهي تقرير ذريعي مخاطب ٿيو ته پال هڪ ايشيا جي فيلسوف جي تمثيلي ۽ ڊرامائي استائيل جي ڪاپي ڪندي ان وانگر ڳالهايو ته ڪليسا سندس تعريف ۽ واکاڻ ۾ گونجڻ لڳي ۽ ڪيس تمام وڏا ۽ وَڏاءِ وارا لقب ڏنا ويا ته سندس تقرير هڪ خدائي فصاحت ۽ بلاغت واري ذات هئي. اُهي جيڪي سندس طاقت يا اختيارن جي مخالفت ڪندا هيا يا سندس آڪڙ ۽ وڏائيءَ جي بيجا چاپلوسي نه ڪندا هيا ته ائنٹئڪ جو مڪيه پادري اهڙن ماڻهن سان وڏي هٿ، سختي ۽ سنگدليءَ سان پيش ايندو هو. پر جيڪي سندس

خوشامدي پادري يا مذهبي ماڻهو هيا تہ اُنهن لاءِ کو نظر ۽ ضبط جو قاعدو لاڳو نہ ٿيندو هو ۽ کليسا جي خزانن جا مُنهن بہ اُنهن لاءِ کلي ويندا هيا ۽ جن کي پنهنجي شهواني اُج اُجهائڻ جي بہ اجازت ملي ويندي هئي تہ پلي پنهنجي مالڪ جي عيش پرستي واري ذوق شوق جي ڪاپي ڪري ڪيس خوش رکن، پال پنهنجي ٽيبل تي ڪلئي عام عياشين ۾ مگن رهندو هو ۽ سندس پادريءَ واري محل ۾ بہ خوبصورت عورتون رهنديون هيون جيڪي سندس فرصت واريں گهڙين جوڻ دائمي سنگتياڻيون ٿونديونڻ هيون.[128]

هنن بدناميءَ واريں بجا"اين جي باوجود، جيڪڏهن سئموسٽا جو پال مذهب جي سچائي صفائيءَ کي محفوظ رکي ها تہ شام جي گاديءَ جي هنڌ تي سندس حڪومت هنجي زندگيءَ سان گڏ ختم ٿي وڃي ها ۽ جيڪڏهن وچ تي ڪٿي موسمي اذيت بہ ڪيس پهچي ها تہ هڪ جرئت واري ڪوشش شايد سندس رتبي کي درويشن ۽ شهيدن جي مرتبي سان وڃي ملائي ها. ڪجهہ عجيب و غريب حماقتون جيڪي هن کان بيوقوفيءَ مان سرزد ٿيون ۽ جن تي وري هو قائم رهيو اُهي هيون ٽڻ يا تثليث جي اصول جي باري ۾، جنهن جي ڪري اوپر جي ڪليسائن جو پارو مٿي چڙهي ويو ۽ سندن ڪاوڙ بہ چوٽ چڙهي وئي.[129] مصر کان ايگزين سمنڊ تائين پادري هن جي خلاف هٿيار کٽي نڪري پيا. سندن ڪيترين ئي گڏجاڻيون ٿيون، ڪيس ڪوڙو ثابت ڪرڻ جا دستاويز چوڙايا ويا، هن لاءِ ملڪ نيڪاليءَ جا اعلان ڪرايا ويا، واري واري سان ڪجهہ وضاحتون ايندين رهيون جيڪي رد بہ ٿيندين رهيون: صلحناما عمل ۾ آيا وري اُهي فورن ختم ڪيا ويا ۽ آخرڪار سئموسٽا جي پال کي پادري واري حيثيت ۾ بيعزتو ڪيو ويو ۽ اهڙي فيصلي ڪرڻ ۾ ستر ڪان اسي پادري شامل هيا جيڪي اٽنٽڪ ۾ گڏ ٿيا ۽ کنهن پادري يا مذهبي ماڻهن سان کنهن بہ مشوري ڪرڻ جي بجاءِ، هنن پنهنجا اختيار استعمال ڪندي سندس جانشين کي مقرر ڪري ڇڏيو. هن ڪارروائي جي واضح غير قانوني حيثيت سبب ڪيترا ماڻهو مڃرجي پيا ۽ سندن تعداد ۾ اضافو ٿيندو رهيو ۽ پال، جنهن جا ڪُلها اهڙن ڪمن ۾ اڳيئي گَنڀ هيا، پاڻ کي زينب جي قرب ۽ مهربانين جي ويجهو آندو ۽ اهڙي طرح وڌيڪ چٽن سالن تائين پادريءَ جي عهدي تي قائم رهيو. آريلين جي فتح، اوپر جي خطي جي مقدر کي تبديل ڪري ڇڏيو ۽ بہ مخالف ڌُريون جن تفرقي ۽ مذهبي ڦوٽ جهڙا لقب پاڻ کي ڏنا هيا، کين اجازت ڏني وئي هئي تہ پلي هو فاتح جي عدالت جي آڏو پنهنجي موقف کي وضاحت سان بيان ڪن. هيءَ ڪلئي عام ۽ خاص قسر جي عدالتي ڪارروائي اسانکي پڪي ثبوت جو موقعو پيش ٿي ڪري تہ عيسائين جي وجود، سندن ملڪيت، حقن ۽ سندن اندروني پاليسيءَ جي معاملن کي قانوني طور نہ ٿي سهي پر گهٽ ۾ گهٽ شهنشاهت جي مئجسٽريٽن طرفان تہ تسليم ڪيو ويو هيو. هڪ لاڌين توڙي هڪ سپاهيءَ جي حيثيت ۾ آريلين کان اها اُميد رکڻ اجائي هئي تہ کنهن گفتگوءَ يا بحث ۾ حصو وٺندو توڙي جو پال يا سندس مخالفن جا خيال ۽ جذبا مذهب جي بنيادن يا کٽر پڻي جي معيارن سان گهٽي قدر ملندڙ جلندڙ هيا. سندن عزم جو بنياد گهٽي ياگي برابري ۽ دليلن جي اصولن تي رکيل هو. عيسائين منجهان هو اڪلي جي پادرين کي بيحد باوقار ۽ غيرجانبدار جَج کوڻيندو هو، ۽ جيڪي ٿي کيس ٻڌايو ويو تہ هنن ڪائونسل جي فيصلي کي اتفاق راءِ سان منظور ڪري ڇڏيو هو تہ سندن فيصلي تي خاموش ۽ راضي رهيو ۽ فورن حڪم جاري ڪيو تہ پال کي مجبور ڪيو وڃي تہ هو ان دنياوي دولت کي ڇڏي ڏئي جنهن جو تعلق ان رتبي سان هو، جنهن کان سندس پائرن جي فيصلي موجب،

کيس هر دفعي محروم کيو ويو هو. پر جڏهن اسين انصاف جي تائيد ۽ تعريف کريون ٿا ته اسانکي آريلين جي پاليسيءَ کي به نظرانداز نه کرڻ گهرجي جنهن جي اها وڏي خواهش هئي ته صوبن کي گهٽي پاڻي ۽ وڏ هر وڏ گاديءَ جي هنڌ تي پاڙيندڙ هڻڻ گهرجي ته جيئن صوبن جي ماڻهن ۽ رعيت جا لڳ لاڳاپا ۽ تعلقات مرڪز سان تمام ويجها، پائريءَ وارا ۽ مضبوط هجن.[130]

شهنشاهت جي کيترن ئي انقلابن کانپوءِ، عيسائي اڃا تائين سُکون ۽ خوشحاليءَ ۾ رهندا ٿي آيا، ۽ ان جي باوجود جو شهيدن جي هڪ مخصوص دؤر کي ڊائڪليشيَن جي جانشينيءَ سان منسوب کيو ويو آهي،[131] پر هن شهنشاهه جيکا نئين پاليسي وڏي دوراندیشي ۽ ڏاهپ منجهان ڏاهي هئي اُها ارڙهن سالن تائين جاري رهي جنهن کي جيڪڏهن مذهبي سهپ، رواداري، نرملتا ۽ نرم مزاجيءَ جو خوبصورت دؤر چئجي ته غلط نه ٿيندو. ڊائڪليشين جي دماغ ۾، بين ماڻهن جي ڪمن جي جاچڻ جوڙڻ لاءِ فرصت ئي ڪين هئي پو ته هو فقط پنهنجي حڪومتي نظام جي بهتري ۽ جنگين ۾ ڪاميابي لاءِ سوچيندو هو. سندس عقل جي پهچ ڪيس ڪنهن به نئين ڳالهه کي رائج ڪرڻ جي خلاف هئي ۽ سندس مزاج به اهڙو ته نرم ۽ حليميءَ طرف راغب هو جو اُهو جوش ۽ جذبي جي اُڏمن کي داخل ٿيڻ لاءِ ايترو موزون نه هيو ۽ هو سدائين شهنشاهت جي قديمي ديوتائن جو احترام ڪندو هو. پر به راٽيون: سندس زال پرسڪا ۽ سندس ڌيءَ وٽلريا فرصت جي گهڙين ۾ عيسائيت جي حقيقتن ۽ سچين ڳالهين کي غور ۽ ادب سان ويهي ٻڌنديون هيون، جنهن لاءِ عورتن جي عقيدت هونئن ئي هر دؤر ۾ مشهور رهي آهي ته اُهي مذهبي فرضن جون ڳالهيون اکثر ڪري تسليم ڪري ڇڏيندیون آهن.[132] مڪيه ڪدڙن ليوسيَن،[133] ڊوروٿيَس، گورگونيَس ۽ اٽندريو جيکي راٽين جي سنيال لاءِ مقرر ٿيل هيا ۽ ڊائڪليشين جي ٻين گهريلو معاملن جي به نظرداري ڪندا هيا اُنهن به نئين مذهب کان متاثر ٿي ان کي قبول ڪري ڇڏيون. محلات جي ٻين کيترن ئي آفيسرن به سندن تائيد ۽ تقليد ڪندي مذهب جي نه رڳو پٽيرائي ڪئي پر ان ۾ شامل ٿي ويا. محلات جا ماڻهو جيکي مختلف رتبن تي هيا، شاهي ڳهَن ۽ زيورَن جا محافظ جيکي سندن الماڑين، فرنيچر، زيورن ۽ توڙي سندن ذاتي خزانن جا به رکوالا هيا؛ ۽ توڙي جو هنن لاءِ اهو ضروري هوندو هو ته شهنشاهه سان قرباني ڏيڻ جي موقعي تي مندر ۾[134] سندس حاضريءَ ۾ گڏ رهن، پر کين پورو اختيار هو ته هو شهنشاهه جي زالن، ٻارن ۽ غلامن سان عيسائي مذهب جي رسمن ۽ فرضن جي بجا آواريءَ ۾ بلڪل آزاد هيا ۽ مٿن ڪائي به پابندي نه هئي. ڊائڪليشين ۽ سندس ساٿين اُنهن ماڻهن کي گهٽائي رُتبا ڏئي ڇڏيا هيا جن ديوتائن جي عبادت کان کليو ڪلايو نفرت جو اظهار ڪيو هو. پر اُنهن ۾ به وري اُنهن کي وڏيڪ اهميت هئي جن ملڪ جي لاءِ پنهنجيون قابليتون وقف ڪيون هيون ۽ خدمتون ڪيون هيون. پادرين کي پنهنجن پنهنجن صوبن ۾ وڏي عزت ۽ احترام سان ڏنو ويندو هو ۽ اُنهن جي هڪ خاص ۽ نمايان حيثيت کي، نه رڳو عام ماڻهن پر مٿيسترين وٽ پڻ مڃيو ويو هو. هر شهر ۾ قديمي ڪيلسائن کي هاڻي ناڪافي سمجهيو ويو هو ته اُهي نئين مذهب اختيار ڪندڙن جي انبوهن کي عبادت لاءِ سمائي سگهن ۽ اُنهن جي جڳهه تي وڏيڪ شاندار ۽ ڪشادیون عمارتون عقيدتمندن جي لاءِ تعمير ڪرايون ويون هيون. اخلاق عادتن جي بگاڙ، جنهن تي يوسيبيَس سخت افسوس جو اظهار ڪيو آهي،[135] کي ان آزاديءَ جو نتيجو نه پر ثبوت سمجهيو وڃي جيکا عيسائين کي ڊائڪليشين جي حڪومت جي دؤر ۾ حاصل هئي ۽

جن جو اُنهن ناجائز فائدو پڻ ورتو هو. خوشحالي، نظر ۽ ضبط جي اصولن کي ڍلو ۽ ڍرو ڪري ڇڏيو هو. دوکو، حسد ۽ ڪدورت ماڻهن جي هر ميڙ ۾ جهجهي انداز ۾ موجود هوندا هيا. نائب پادري، وڏي پادري ٿيڻ جا هر وقت خواهشمند رهندا هئا ۽ ڪين هر وقت رڳو اڳتي وڌڻ جو اونو رهندو هو. هوڏانهن پادري، جيڪي هڪ ٻئي سان ڪليسائي معتبريءَ لاءِ ڪوششن ۾ مصروف هيا، پنهنجن چرچ جي روّين ۾ لادينيت ۽ آمريت جو تاثر ڏيندا هيا ۽ هڪ صحتمند عقيدو جنهن عيسائين کي غير يهودين کان ايڪا تائين نمايان ۽ نروار ڪري ڇڏيو هو، انجي جُهلڪ سندن زندگيءَ جي طور طريقن ۾ گهٽ ۾ گهٽ سندن تکراري تحريرن ۾ وڌيڪ نظر ٿي آئي.

هن تحفظ جي احساس جي باوجود، هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي، جيڪو نهايت غور سان مشاهدو ڪري ٿو، اهڙا آثار ۽ اهجاڻ ضرور نظر ٿي آيا جن ذريعي ڪليسا کي، ڪيئي حصا وڌيڪ خوفناڪ اذيتن ۽ عذابن جو مُنهن اُنهن تڪليفن جي پيٽ ۾ ڏسڻو هو جيڪي، هن وقت تائين هن ڏٺيون هيون. عيسائين جي ترقي ۽ سندن جوش جذبي، گهٽن خدائن جي پوڄارين کي ڇڻ سندن ڪاهلي ۽ بيخبريءَ واري ننڊ مان جهنجهوڙي جاڳايو هو تہ هو پنهنجن اُنهن ديوتائن جي مقصد کي ڪٽي اڳتي هلن جن لاءِ سندن ريتن رسمن توڙي سِڪيا کين احترام ڪرڻ سيکاريو هو. هڪ مذهبي جنگ جو خطرو ۽ اونو جيڪو گذريل ٻن سؤ سالن کان وٺي سندن سِرَن مٿان ترار جيئن لڙڪيل رهيو هو، ڇڻا پيٽي ڪنڊ ڏرين ۾ هڪ ٻئي خلاف دشمنيءَ وارن روّين وڌيڪ شدت ۽ تيزي آڻي ڇڏي هئي. لادين وري پنهنجي طرفان ان فرقي جي اُبهرن روّين تي سخت تيش ۽ ڪاوڙ ۾ هيا جيڪو سندن نظر ۾ ايڪا هاڻوڪو ۽ ٻنهه اڃ ڇڻو هو ۽ جنهن سندن ملڪ جي ماڻهن تي غلطين ۽ ڪوتاهين جو الزام مڙهيو هو ۽ سندن ابن ڏاڏن کي دائمي تڪليفن ۽ ڏکن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. ڪٽر دشمن جي گارگند ۽ بدزبانيءَ جي ماحول ۾، مقبول مذهبي عقيدي کي هٿي وٺرائڻ ۽ مٽيرو ڏيکارڻ جي ڪوششن، سندن دماغ ۾ هلڪا عقيدي جا جذبا ۽ ڪجهہ احترام جا روّيا ان سرشتي لاءِ سندن دل ۾ پيدا ڪيا جنهن کي هو لاپرواهيءَ مان تارڻ ۽ لَنوائڻ جا عادي ٻڌجي ويا هيا. ڪليسا کي جيڪي فطرت کان بہ مٿاهان اختيار حاصل هيا ان منجهن خوف سان گڏ تقليد ڪرڻ جو جذبو بہ پيدا ڪيو تہ مَن هو بہ اهڙا اختيار حاصل ڪري وٺن. مستند مذهبن جي مجيندڙن بہ اُنهن ماڻهن جي پرپاسي پنهنجا مورچا وڃي ٻڌا جيڪي اڳيئي ذهن جي ذات سان مسلح هيا؛ تنهنڪري هنن هاڻي قرباني، جا نوان طريقا ايجاد ڪيا، بخشش ۽ ڪناري ادا ڪرڻ توڙي نوَن ڪمن لاءِ نيون تجويزون پيش ڪيون،[136] سندن غيبي علمن يا معجزن،[137] جيڪي هاڻي فضول ۽ اجايا سمجهيا ٿي ويا، ڪي ٻيهر جياري ان ۾ نئين رُوح ڦوڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي؛ ۽ هر ان ٻڪار ۽ فريبيءَ کي بہ ٻُڌي ان تي پروسو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جنهن سندن ڪمزورين کي سمجهي اُنهن جي خوشامد ۽ چاپلوسي ڪندي، حيرت انگيز ڪهاڻيون ۽ واقعا ٻڌائي ۽ وِندرائي کين بيوقوف ٿي بڻايو.[138] ٻئي ڏَريون اُنهن معجزن جي سچائيءَ کي ميڙڻ لاءِ تيار ٿي نظر آيون جن جا دعويدار سندن مخالف هيا؛ ۽ هڪ طرف تہ هُو ان ڳالهہ تي مطمئن هئا تہ اهو سيڪڇهہ جادوءَ جو ڪمال يا جنن ۽ شيطانن جي طاقت جو ڪرشمو هو تہ ٻي طرف وري هو ٻئي وهمن وسوسن جي حڪومت کي ٻيهر قائم ڪرڻ تي متفق ۽ راضي هئا.[139] فلسفي جو خطرناڪ دشمن هاڻي سندس بهترين ساٿي ۽ دوست بنجي ويو. ادب جون الماريون، ايپيڪيورَس جا باغ توڙي اسٽائڪس جا ورانڊا سڀ ويران ٿي ويا هيا، بلڪل ائين جيئن ڪيترائي ٻي اعتقادي ۽

ڏينيت جا اسڪول نظر ۾ آيا: ۽ روم جي ماڻهن منجهان ڪيترن جي اها خواهش هئي ته سينيٽ جي اختيارن ذريعي سيسرو جي تحريرن کي نندير ۽ ختر ڪيو وڃي.[141] افلاطون جي پوئلڳن جي فرقي پادرين جي تقليد ڪرڻ کي بهتر سمجهيو جن کي هو شايد عيسائين جي مقابلي ۾ ڏکاريندا هيا ۽ جن کان وري هو ڏهندا هيا جنهن لاءِ وٽن سبب به هيا. هي نئين فيشن وارا فلسوف، يوناني شاعرن جي خيالن منجهان محاورن واري ڏاهپ اختيار ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا هيا، پنهنجن خاص پوئلڳن جي فائدي لاءِ پاڻ اربڻ جي پُر اسرار رسمن جا ادارا قائم ڪيائون. قديمي ديوتائن جي عبادت ڪرڻ جي سفارش ڪيائون ته اُهي ربُّ العزت جون نشانيون يا ان جا وزير هيا: ۽ عيسائي مذهب جي خلاف وڏا ۽ وضاحت وارا مضمون ۽ مقالا لکيا ويا،[142] جيڪي بنياد پرست شهنشاهن جي دوراندیشيءَ جي ڪري باهه جي شعلن جي نذر ڪيا ويا.[143]

توڙي جو ڊائڪليشين جي پاليسي ۽ ڪانسٽنٽيَس جي انسانيت کين برداشت جي اصولن کي جيئن جوتيئن محفوظ ڪرڻ تي آماده ڪيو هو، پر پوءِ جلدي اها ڳالهه سامهون آئي ته سندن ۾ سائي مئڪسميَن ۽ گئلريَس عيسائي نالي توڙي مذهب کان سخت بيزار ۽ نفرت ڪندڙ هيا. نه ته سائنس انهن شهنشاهن جي دماغ کي روشن ڪري سگهي هئي ۽ نه وري تعليم سندن مزاج کي نرم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي هئي. سندن خيال ۾ اُنهن پنهنجي عظمت ترار جي زور تي ماڻي هئي ۽ سندن متاهين مرتبي تي پهچڻ جي باوجود سندن طبيعتن ۾ سپاهين ۽ هارين جا وهمن وارا تعصب ۽ فتنا موجود هيا. صوبن جي انتظامي معاملن جي نظرداريءَ ۾ هنن ساڳين قانونن کي رائج ڪيو هو جيڪي سندن محسنن اڳ لاڳو ڪري ڇڏيا هيا: پر اُهي اڪثر ڪري اهڙا موقعا ڳولي ونندا هيا ته چپ چاپ ۾ اڌيتن جي عمل کي به پنهنجين ڪٿمپن ۽ محلاتن ۾ جاري رکيون اچن،[144] جنهن لاءِ عيسائين جي بيوقوفيءَ جي جوش ڪڏهن ڪڏهن کين اهڙن شاندار موقعن جا بهانا خود ڳولي ٿي ڏنا. هڪ آفريڪي نوجوان مئڪسيمليئنَس کي موت جي سزا ڏني وئي جنهن کي خود پنهنجي پيءُ مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ پيش ڪيو هو ته سندس پٽ قانوني ۽ دستوري طرح هڪ سپاهيءَ طور چونڊيو ويو هو پر هو ضد ڪري رهيو هو ته سندس ذهن ۽ ضمير ان ڳالهه جي اجازت نٿي ڏني ته هو هڪ سپاهيءَ جي نوڪري اختيار ڪري.[145] ان ڳالهه جي ته مشڪل سان اُميد رکي سگهجي ٿي ته ڪا به حڪومت، سؤ سپاهين مٿان مقرر آفيسر مارسيلَس جي حڪمن کي سزا ڏيڻ ڪانسواءِ ٻاري يا لنوائي ڇڏي. هڪ عوامي ميلي جي موقعي تي ان آفيسر پنهنجي پٽي ۽ هٿيارن کي پري اڇلائي ڇڏيو ۽ ساڳي وقت پنهنجي عهدي جا نشان به هٽائي ڇڏيا، ۽ وڏا واڪا ۽ رڙيون ڪندي اعلان ڪيائين ته هو حضرت عيسيٰ (ع س) ڪانسواءِ بي ڪنهن جو به حڪم نه مڃيندو ڇو ته اُهو ئي دائمي آقا ۽ بادشاهه آهي، ۽ وڏي واڪي اهو به چيائين ته هو اڄ ڪان انسانن جي خلاف هٿيارن جي استعمال کي به ترڪ ڪري ڇڏيندو ته ساڳي وقت هو هڪ بت پرست مالڪ جي نوڪري کي به ڇڏڻ جو اعلان ڏ ڪري. سپاهي، جيئن ئي اُهي حيرت ۽ اچرج جي هن منظر مان چرڪ پري جاڳيا ته هنن مارسيلس کي پنهنجي حفاظت ۾ ولي ڇڏيو. ٽِنگي جي شهر ۾ سندس معائنو ڪيو ويو جيڪو ماريٽنيا جو هڪ حصو هو ۽ جيئن ته ڪيس پنهنجي ئي اعتراف ڪرڻ تي سزا جي حڪم جو اعلان ڪيو ويو هو ته سندس مذمت ڪري پوءِ سندس سِٽ کي ڏڙ ڪان ڌار ڪيو ويو ۽ سندس ڏوهه اهو هو ته هن فوج جي نوڪريءَ کي ڇڏي ڏنو هو.[146] اهڙي قسر جا مثال مذهبي اڌيتن جو تاثر گهٽ ڏين ٿا پر فوجي ۽

شهري قانون ۾ گهٽا موجود آهن ۽ اهڙن واقعن جي ڪري شهنشاهن جو ذهن ضرور متاثر ٿيندو هو جن گئلريس جي سخت روَش ۽ روَين کي جائز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي جنهن بيشمار عيسائي آفيسرن کي نوڪرين مان ڪڍي ڇڏيو هو ۽ ان خيال کي جائز سمجهڻ لاءِ اختيارن جو استعمال ڪيو ويو ته جوشيلن جو هڪ فرقو جيڪو ماٺهن جي سلامتيءَ جي اصولن جي خلاف ڪليو ڪلايو ڪم ڪري رهيو هو يا ته ان کي بلڪل ناڪارو بنايو وڃي يا وري جيڪڏهن اُنهن کي ڇُوٽ ڇڏيو ويو ته اُهو طبقو سڄي شهنشاهت ۽ ان جي رعيت جي ماٺهن لاءِ انتهائي خطرناڪ ۽ هاڃيڪار ثابت ٿيندو.

فارس جي جنگ ۾ فتح حاصل ڪرڻ کانپوءِ گئلريس جون اُميدون توڙي سندس شهرت بلندين تي پهچي وئي هئي، هن سڄو سيارو ڊائڪليشين سان گڏجي نڪوميديا جي محلات ۾ گذاريو جتي، هنن عيسائيت جي موضوع تي هڪ ٻئي سان تفصيلي صلاح مشورا ڪيا.[147] بيحد تجربيڪار شهنشاهه ايجا به نرميءَ جي روَيي جو قائل هيو ۽ توڙي جو هن فورن ان ڳالهه تي پنهنجي آمادگي ڏيکاري ته عيسائين کي ڪٽي به ڪا نوڪري نه ڏني وڃي پوءِ توڙي اُهي گهرَ هجن، شهري انتظام هجي يا فوجي ادارا هجن، پر تنهن هوندي به هن زور ڏيندي اها ڳالهه چئي ته اها ڳالهه تمام گهٽي خطرناڪ ٿيندي جيڪڏهن بيگناهن ۽ فريب ڪاڏل جنوني ماٺهن جو خون وهايو ويو يا اُنهن سان بيجا ظلم ڪيو ويو. گئلريس آخرڪار شهنشاهه کان اها اجازت وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ته هو هڪ وڏي پٺاڻي تي ڪائونسل کي سڏائڻ جو اهتمام ڪندو جنهن ۾ ملڪ جا تمام اهم ۽ نمايان حيثيت جا شهري توڙي فوجي شريڪ ٿيندا جنهن ۾ وڏا ۽ اهم مسئلا گڏيل صلاح مشوري سان حل ڪيا ويندا. جيڪو اهم سوال هو ان سڀني کي موجودگيءَ ۾ پريشان ٿي ڪيو ۽ اُنهن لاڳاپيل ملڪن آسانيءَ سان پروڙي ورتو ته وٽن فصاحت بلاغت جي ذات هڻڻ سبب مٽن اهو لازمي هو ته هو سيزر جي لڳاتار تشدد جي تائيد ڪن. اهو بهرحال سمجهيو وڃي ته هنن هر موضوع تي ڳالهايو ۽ پنهنجي ان موقعت تي زور به ڏنو جنهن جو تعلق عيسائيت جي تباهيءَ بابت سندن حاڪر جي وڏائي، نيڪي ۽ خطرن سان هيو. شايد اُنهن اهو ٻڌائڻ ٿي چاهيو ته شهنشاهت جي نجات جي زبردست ۽ اهم ڪم کي، جيتريقدر آزاد ماٺهن کي صوبن ۾ رهڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ جو تعلق هو، اڏورو ۽ اٽڪورو ڇڏيو ويو هو. عيسائي (شايد اهو شاندار الزام مٽن لڳي وڃي) جن ديوتائن جي پوڄا ۽ روم جي ادارن کي ڇڏي ڏنو هو، پنهنجي هڪ جدا جمهوريه ناهي هئي جنهن کي شايد فوجي طاقت بنجڻ کان اڳ ۾ ئي ڇٽيو ۽ ڪچليو وڃي، پر جنهن ۾ اڳيئي سندس پنهنجن ئي قانونن ۽ مُجسّرين ذريعي حڪومت ڪئي ٿي ويئي ۽ جنهن ۾ پنهنجو خزانو هو ۽ جيڪا هر طرف کان پادرين جي اسيمبلين ذريعي پاڻ ۾ گڏيل ۽ ڳُتيل هئي، ۽ جنهن جي فيصلن ۽ فرمانن کي سندن عوام توڙي دولتمندن جا وڏا وڏا ميڙ به پوريءَ طرح مڃيندا ۽ انهن جي فرمانبرداري ڪندا هيا. هن قسم جي دليلن ڊائڪليشين جي غير مائل دماغ کي شايد اڏيتن جي نئين طريقي کي رائج ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو هجي: پر، توڙي جو اسانکي ڪجهه شڪ ضرور آهي، پر تنهن هوندي به اهو اسانجي وَس ۾ ناهي ته محلات جون ڳجهيون سازشون، ذاتي خيال، نظريا ۽ ناراضگيون، عورتن يا ڪدڙن جا حسَد ۽ عداوتون ۽ پيا به ڪيترائي فضول پر اثرائتا سبب هتي بيان ڪجن جيڪي اڪثر ڪري شهنشاهتن جي قسمتن جو فيصلو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا ۽ داناءَ بادشاهن جي عقل ۽ ڄاڻ تي به بيحد اثر انداز ٿين ٿا.[148]

شهنشاهن جي خوشي ۽ مزاج آخرڪار عيسائين تي واضح ٿي ويو جيڪي، مغموم سياري جي موسم ۾، ڳجهن صلاح مشورن جي نتيجي معلوم ڪرڻ جي آس ۾ سخت بيچينيءَ مان انتظار ڪري رهيا هيا، ٽيوهين فيبروري، جيڪا اتفاق سان رومين جي جشن ٽرمينئليا[149] سان پيڇي ٿي آئي، مقرر ڪئي وئي (اتفاق سان يا اڳوات طئي ڪيل تجويز سان) ته عيسائيت جي واڌاري جي حدن کي مقرر ڪيو وڃي. صبح جو ساجهر سويرَ، شاهي محل جو مُنهندار،[150] جنهن سان ڪيترائي جنرل مئجسٽريٽ ۽ مالي آمدني جي ڪاتن جا آفيسر گڏ هيا، سي نڪوميديا جي مکيہ آدمشماريءَ واري خوبصورت علاقي ۾ هئي. اوچتو دروازا کلي ويا: اُهي سيئي مقدس جڳهہ تي هجوم جي صورت ۾ گڏ ٿيا ۽ جيئن اُنهن ڪنهن عبادت جي جڳهہ کي اجايو هيڏي هوڏي ڏسڻ شروع ڪيو ته اُهي مجبور ٿي مقدس ڪتابن کي شعلن ۾ سڙندي ڏسندا رهيا. ڊائڪليشين جا وزير ۽ انهن جي پٺيان اُنهن جا محافظ ۽ ٻيا ماڻهو گڏ هيا جيڪي جنگ جي ميدان جيان مارچ ڪندا اڳتي وڌي رهيا هيا جن کي تباهي ڪرڻ جا سيئي هٿيار ڏنا ٿي ويا جيڪي قلعن سان محفوظ شهرن کي ۽ جيئن تباهہ ڪري سگهن. سندن اٽڪَ محنت ۽ ڪوششن سان هڪ تمام وڏي پاڪ عمارت، جيڪا شاهي محلات کان ٻہ وڌيڪ اوچائيءَ تي ٺهيل هئي ۽ سڄي محل کي ڏيکيون بينئي هئي ۽ جيڪا غير يهودين جي حسد. ڪاوڙ ۽ ڪيني جو نشانو بڻيل هئي، کي تورڻن ٿي ڪلاڪن ۾ ڌاهي، ڊير ڪري زمين سان هموار ڪيو ويو.[151]

ٻي ڏينهن تي اذيتن جي عام فيصلي کي ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو،[152] ۽ تورڙي جو ڊائڪليشين، جيڪو اڃا تائين خون جا واهڙ وهائڻ جي خلاف هو، گئلريس جي ڪاوڙ کي ڪجهہ ماناري ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو، جنهن ڪيس مشورو ڏنو هو ته جيڪو ٻہ قرباني ڏيڻ کان انڪار ڪندو ته ان کي جيئرو ٿي باهہ ۾ اڇلائي ساڙيو ويندو: جيڪي ڏنڊَ عيسائين جي هڻَ ۽ ضد خلاف متن مڙهيا ويا هيا اُهي تمام سخت هيا. هڪ قانون کي لاڳو ڪيو ويو ته شهنشاهت جي سڀني صوبن ۾ سندن سڀني ڪليسائن کي پاڙئون ڌاهيو وڃي: ۽ هر ان ماڻهوءَ لاءِ ڪلئي عام موت جي سزا جو اعلان ڪيو ويو جيڪو مذهبي عبادت جي سلسلي ۾ ڪِل گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندو. فيلسوفن، جن هاٿي پنهنجي لاءِ ڏکيو ڪم هٿ ۾ ڪنيو هو ته ماڻهن ۾ اذيتن جي انڊي عقيدي جو پرچار ڪن، وڏي محنت ڪري عيسائي مذهب جي فطرت ۽ ان جي روح بابت غور سان ۽ تفصيلي مطالعو ڪيو هو، ۽، جيئن ته اُهي ان ڳالهہ کان ناواقف نہ هيا ته مذهب جا خيالي اصول لازمي طور پيغمبرن جي تحريرن ۾ موجود هيا، جيئن انجيل جا ليکڪ ۽ حواري، اُنهن شايد هڪ سرشتي تي زور ٿي ڏنو ته پادري ۽ نائب پادري پنهنجا سيئي مقدس ڪتابَ مئجسٽريٽن جي حوالي ڪري ڇڏين جن کي سخت حڪم جاري ڪيا ويا هيا ته جيئن ٿي اُهي ڪتاب سندن هٿن تائين پهچن ته اُهي اُنهن کي عام ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ احترام مان ساڙي رکَ ڪري ڇڏين. ساڳي فرمان ۾ اهو ٻہ حڪم ڏنل هو ته ڳرجاڻن جون ملڪيتون فورن ضبط ڪيون وڃن، ۽ اُنهن جا جيترا ٻہ حصا هجن ته اُهي وڏي هولي ڏينڊڙ کي وڪرو ڪري ڏنا وڃن يا شاهي ملڪيت يا حدن سان ملايا وڃن، يا شهرن ۽ وڏن ادارن ۽ ڪارپوريشنن کي ڏنا وڃن، يا ڪو لالچي ملڪ ان جي گهُر ڪري ته ان جي حوالي ڪيا وڃن. اهي موثر ۽ سخت قدم ڪٿڻ ڪانپوءِ سندن عبادتن کي ختم ڪيو ويو. عيسائين جي حڪومت تي بندش وڏي وئي، ۽ اهو تمام ضروري سمجهيو ويو ته اهڙن انحراف ڪندڙ گمراهہ ماڻهن کي رڳو سخت نہ پر برداشت کان ٻاهر سزائون ڏنيون وڃن جيڪي اڃا تائين ٻہ فطرت جي مذهب، روم جي مذهب ۽ سندن ابن ڏاڏن جي

مذهب کي رد يا ان کان انکار ڪن تا. جن ماڻهن جو هِر آزاديءَ ۽ تيو هو اُنهن کي اعزازن ۽ نوڪرين کان محروم ڪيو ويو: ۽ سڀني ماڻهن کي قانون جي حفاظت ڏيڻ کان ٻاهر ڪيو ويو. ججن کي اختيار ڏنا ويا تہ عيسائين جي خلاف جيڪي بہ معاملا سندن ٻڌڻ لاءِ اچن تہ اُنهن کي جلدي ٻڌن ۽ فيصلن ڏيڻ ۾ دير نہ ڪن. ۽ عيسائين کي اهڙي اجازت هرگز ڪانہ هئي تہ هو پنهنجا ڏک سورَ ڪنهن کي ٻڌائن يا کين پهتل تڪليفن جي شڪايت ڪري سگهن ؛ اهڙيءَ طرح بدنصيب عيسائين کي سخت تڪليفون پهچايون ويون ۽ نہ رڳو ايترو پر اُنهن لاءِ عام انصاف وڻڻ ۽ عدالت جا دروازا ڪڙڪائڻ جا موقعا بہ بند ڪيا ويا. شهادت جو هي انوکو طريقو، جيڪو اذيتناڪ بہ هو تہ تمام ڏڪهو ۽ ار ڪُٽ پٽ، تمام اڻ چٽو ۽ بيحد ذلت آميز. شايد عقيدتمندن کي هڃائڻ ۽ ٽڪائڻ لاءِ چونڊيو ويو هيو: ۽ ان ڳالهہ تي بہ شڪ نٿو ڪري سگهجي تہ انسانذات جا جذبا ۽ لاڙا هن موقعي لاءِ تيار ڪيا ويا هيا تہ شهنشاهن جي رِٽَن ۽ تجويزن جي حمايت ڪئي وڃي. پر ڪنهن بہ مانائتي يا طور طريقن واري حڪومت جي پاليسيءَ لاءِ بيحد ضروري هو تہ ڪڏهن تہ مظلوم عيسائين جي حالت تي ڪا مداخلت ڪئي وڃي ها؛ توڙي جو روم جي شهزادن لاءِ اهو ممڪن ڪو نہ هو تہ سزائن جي خطرن ۽ خدشن کي بلڪل ئي ختر ڪري سگهن ها، يا وري هر دوڪي ۽ تشدد جي عمل سان پاڻ بہ ملي وڃن ها، پو تہ اهي ڳالهيون، سواءِ پنهنجي پاڻ کي خطري جي مُنهن ۾ وجهڻ ۽ بين سڀني رعيت جي ماڻهن جي جان کي بہ جوکي ۾ وجهڻ ڪانسواءِ، پوريون نہ ٿين ها.[153]

هن فرمان کي نڪوميديا جي تمام نمايان جڳهہ تي ماڻهن اڳيان اڻ ڇڻي نموني سان پڌرو ڪيو ويو هو پر ان کي هڪ عيسائي ڪاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو هو جنهن گاريون ڏيندي پنهنجي نفرت جو اظهار ڪيو هو ۽ گندن، پليد ظالم گورنرن لاءِ پنهنجي سخت ڏڪار ۽ بيجان پڻ ڏيکاري هئي. سندس ڏوهہ، سندن نرم ترين قانون موجب بہ، غداري هو جنهن جي سزا فقط موت هو. ۽ جيڪڏهن اهو سچ هيو تہ هو هڪ مربي وارو عالم ۽ پڙهيل لکيل شخص هو تہ ان حالت ۾ تہ هو اڃا بہ وڌيڪ سزا جو مستحق هيو. ڪيس ساڙيو ويو. بلڪ ڪيس هلڪي ٻاهہ جي ٽَوَ تي پڇايو ويو ۽ ڪيس مارڻ وارا، ذاتي بدلي وڻڻ جي ڪاوڙ ۽ حسد جيڪو شهنشاهن کي آڇيو ويو هو، ظلم جي هر انتها کان هو ٽڪجي پيا پر سندس صبر تي فتح حاصل نہ ڪري سگهيا ۽ نہ وري سندس لڳاتار مُرڪ، جنهن ۾ طنز هئي، کي بند ڪري سگهيا جيڪا مرڻ گهڙيءَ جي آخري اذيتن تائين سندس چهري تي ٻهڪي رهي هئي. عيسائي، توڙي جو اُنهن اها ڳالهہ مڃي تي تہ سندس روَيو دوراندیشيءَ جي اصولن موجب سڪوت وارو نہ هيو، پوءِ پي سندس عقيدي جي جوش ۽ مٺس قدرتي مهرباني‌ءَ تي هو خوش ٿي رهيا هيا ۽ سندس تعريف ڪري رهيا هيا ۽ جيڪي سندس حق ۾ هنن توصيف ۽ واکاڻ جا لفظ چيا اُهي بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهن. هو سندن سچو سپوت ۽ شهيد هو. هن قسر جي سندس تعريف جي ڪري ڊائڪليشين جي ذهن ۾ هڪ خوف ۽ هن جي خلاف نفرت پيدا ٿي پئي.[154]

سندس خوف جي فضا ۾ ويتر سندس اردگرد خطرن جون گهنڊيون وڄڻ لڳيون هيون جن کان هو ٽِرَ جيتري وٽيءَ تان بچي ويو. پندرهن ڏينهن جي اندر نڪوميديا جي محل ۽ ڊائڪليشين جي آرام سَراءِ (بيڊروم) ۾ بہ پيرا ٻاهہ لڳي وئي ۽ توڙي جو ٻئي دفعا ٻاهہ کي بغير ڪنهن نقصان ڪرڻ جي وِسايو ويو هو پر ٻاهہ جي وري ٻيهر لڳڻ کي جائز طور تي واضح ثبوت سمجهيو ويو هو تہ اها نہ تہ اتفاقي هئي ۽ نہ وري ڪنهن غفلت سبب لڳي هئي. فطري

طور تي عيسائين جي ملوٽ هئڻ جو شڪ ڪيو ويو ۽ هڪ ٽيڙ جهڙي ڳالهه لاءِ تجويز ڏني وئي تہ اُهي ناڪام جنوني ماڻهو جيڪي پنهنجين موجوده تڪليفن کان تنگ اچي بيزار ٿي شايد پنهنجن وفادار پائرن يعني محلات جي ڪڏڻ سان ٻن شهنشاهن جي زندگين خلاف سازش ۾ شريڪ ٿيا هجن. جن کي هو سخت نفرت منجهان ڏڪاريندا هيا تہ اُهي خدا تعاليٰ جي ڪليسا جا پڪا ويري ۽ ڪٽر دشمن هيا. هر سيني ۾ حسد ۽ ڪاوڙ جي باهه پڙڪيل هئي پر ان جو زور ڊائڪليشين وٽ گهٽو هو. بيشمار ماڻهو جيڪي يا تہ پنهنجن عهدن ۽ رتبن سبب نمايان هيا يا جيڪي مٽن مهربانيون ٿيل هيون ان باعث بہ اُهي نروار هيا، جيلن ۾ بند ڪيا ويا. هر طرح جو تشدد مٽن ڪيو ويو. ۽ گهَر توڙي شهر ماڻهن جي رت سان رنگجي گندا ٿي ويا.[155] پر جيئن تہ ان کي نا ممڪن تصور ڪيو ويو هو تہ اهڙن ماڻهن جي واتان کا راز واري يا ڳُجهي ڳالهه ٻاهر ايندي، تہ پوءِ اسان لاءِ اهو ضروري ٿي پيو آهي تہ يا تہ کين معصوم ۽ بيقصور سمجهون يا وري مظلومن جي عزم ۽ حوصلي جي وڏ ۾ وڏ تعريف ڪريون. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ گئلريَس نڪوميديا مان ٻاهر هليو ويو ۽ وڃڻ وقت اعلان ڪيائين تہ جيڪڏهن هو پنهنجي محلات مان وڃڻ ۾ اڃا دير ڪري ها تہ عين ممڪن هو تہ عيسائين جي سندس خلاف اَتل غصي جو شڪار ٿي قربان ٿي وڃي ها. ڪليسائي تاريخدانَ، جن کان اسانکي اذيتن جي باري ۾ فقط هڪ طرفي ۽ اڻپوري معلومات ملي آهي، حيران آهن تہ شهنشاهن جي خوفن ۽ خطرن بابت هو صحيح حساب ڪيئن رکي سگهندا. هنن منجهان ٻہ ليکڪ: هڪ شهزادو ۽ ٻيو تقرير جو ماهر، نڪوميديا جي باهه جا اکين ڈٺا شاهد هئا. هڪڙو ٻڌائي ٿو تہ اها باهه آسماني وڄ ڪرڻ سبب لڳي جنهن ۾ رب جي ناراضگي شامل هئي، ۽ ٻيو پڪَ سان يقين ٿو ڏياري تہ اها بدنيتيءَ مان گئلريَس پاڻ لڳرائي هئي.[156]

جيئن تہ عيسائين جي خلاف جيڪو حڪر جاري ڪيو ويو هو تہ اُهو پوري شهنشاهت جي قانون جي باري ۾ هو، ۽ جيئن تہ ڊائڪليشيَن ۽ گئلريَس، توڙي جو اُهي شايد منظوريءَ لاءِ نہ ترسن ها پر پوءِ پيي مغربي ملڪن جي شهزادن اُنهن کي پنهنجي طرفان هاڪار جي وَرندي ڏياري موڪلي هئي، تہ اها ڳالهه اسان جي پاليسيءَ جي خيالن سان ٺهڪندڙ ٿي لڳي تہ سيني صوبن جي گورنرن کي مخفي هدايتون ملي چڪيون هيون تہ اُهي مختلف ڪاتن ۽ ادارن جي اندر جنگ جي اعلان کي هڪڙي ۽ ساڳئي ئي ڏينهن تي ڇپرائي ان جي مشهوري ڪرائي ڇڏين. گهٽ ۾ گهٽ اها اُميد رکي پئي سگهجي تہ شاهي رستن جون سهولتون جن تي جڳهه جڳهه تي چوڪيون مقرر ٿيل هيون، شهنشاهن کي ان قابل ضرور بنايو هوندو تہ نڪوميديا جي محلات کانوئي رومي دنيا جي آخري حدن ۽ پُڇڙين تائين اهي حڪر ناما جلد از جلد پهچي وڃن ها: ۽ شام ۾ ان فيصلي جي ڇپجڻ ۾ پنجاهه ڏينهن جو وقفو نہ اچڻ گهرجي ها ۽ لڳ ڀڳ ڇهُن مهينن جي عرصي کان پوءِ اهو آفريڪا جي شهرن تائين پهچي سگهيو هو.[157] هيتري دير شايد ڊائڪليشَين جي زياده محتاط طبيعت جي ڪري ٿي هئي، جنهن نہ چاهيندي سخت مجبوريءَ مان اذيتن ڏيڻ جي عمل جي منظوري ڏني هئي ۽ جنهن جي خواهش هئي تہ اهو تجربو سندس ويجهو ۽ اکين جي آڏو ٿئي ۽ پوءِ اوچتو وڪوڙي حالتون پيدا ٿي پيون جنهن جو لازمي اثر پرانهَن صوبن تي ٻيو. ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ شروعات ۾ مُجسٽريٽن کي رت وهائڻ جي سخت منع ڪئي وئي هئي؛ پر سندن جوش ۽ جنون جي سلسلي ۾ ٻي هر سختي ڪرڻ جي نہ رڳو انتظاميہ کي اجازت ملي هئي پر کين ان جي سفارش بہ ڪئي وئي هئي: ۽ عيسائي، توڙي جو اُنهن ڪليسائن جي زيورن ۽ ٻين قيمتي

شين تان دستبردار ٿي چڪا هيا پر هو اهو فيصلو آسانيءَ سان نٿي ڪري سگهيا تہ سندن مذهبي گڏجاڻين ۾ ڪو بيجا مداخلت ڪري يا هو اهو منظر پنهنجين اکين سان پاڻ ڏسندا رهن تہ سندن مقدس ڪتابن کي باهہ جي شعلن جي حوالي ڪيو وڃي. هڪ آفريڪي پادري فيلڪس جي نيڪيءَ واري هوڏ، حڪومت جي ماتحت وزيرن کي چيڙائي ڇڏيو هو. شهر جي سنيالينڊ ڪيس هٽڪڙيون هٽائي مٿجسٽريٽ ڏانهن موڪليو. مٿجسٽريٽ وري ڪيس اٽلي جي شاهي محل جي مُنهندار ڏانهن موڪلي ڏنو ۽ فيلڪس، جنهن کي سڏو تہ نہ پر نتائج واري جواب ڏيڻ کان بہ نفرت هئي، کي آخرڪار ليوڪٽيا ۾ وينوسيا جي جڳهہ تي قتل ڪيو ويو. هڪ اهڙي جڳهہ جنهن جي، هورئس* جي ڇمڻ سبب، تمام گهٽي مشهوري ٿي وئي هئي.[158] هن واقعي ۽ شايد هڪ شاهي فرمان جيڪو هن ڪانپوءِ جاري ڪيو ويو. ان مطابق صوبن جي گورنرن کي پورا اختيار ڏنا ويا تہ اُنهن عيسائين کي بنادير موت جي سزا ڏني وڃي جيڪي پاڪ ڪتابن کي اختياري وارن کي ڏيڻ کان انڪار ڪن. بلاشڪ تمام گهٽا ماڻهو اهڙا هيا جن هن موقعي جو پرپور فائدو ونڻ ٿي چاهيو تہ جيئن شهادت جو تاج سندن سِرَ تي هجي. پر ساڳي وقت اهڙا ماڻهو بہ هيا جن ذلت واري زندگي کي خريد ڪيو ۽ پاڪ ڪتاب، ناپاڪ لادينين جي حوالي ڪري وري اُنهن تي چغليون هنيائون. وڏي تعداد ۾ پادرين توڙي نائب پادرين بہ هن جرم تي عمل ڪندي هميشہ لاءِ "غدار" + جهڙو ذلت جو لقب پاڻ لاءِ حاصل ڪري ورتو ۽ سندن ڏوهہ موجوده جرم کان بہ ايڏا گهٽو مٿي هو ۽ آفريڪا جي ڪليسا جي لاءِ ايندڙ وقت ۾ وڏي فتني جو باعث هو.[159]

پاڪ ڪتابن جون ڪاپيون ۽ اُنهن جا مختلف نمونا سڄي شهنشاهت ۾ اهڙيءَ طرح ورهايا ويا هيا جو سخت تحقيقات مان بہ ڪو زياده ڪڙ تيل نٿي نڪتو. ان حد تائين جو اُنهن جُلدن جي قرباني، جن مان عوامي ميڙن ۾ ڪجهہ پڙهيو ويندو هو، لاءِ بہ اُنهن دوکيباز ۽ غدار عيسائين جي راءِ ۽ منظوري حاصل ڪرڻي هوندي هئي. پر ڪليسائن جي تباهيءَ جو عمل حڪومت جلد ئي مڪمل ڪري ڇڏيو هو جنهن ۾ لادينين جي مدد بہ ڪين حاصل هئي. ڪجهہ صوبن ۾ اڻين بہ ٿيو تہ مٿجسٽريٽن ان ڳالهہ کي مناسب سمجهيو تہ هنن مذهبي عبادت جي هنڌن کي تباهہ ڪرڻ بدران اُنهن کي بند ڪرائي ڇڏيو. ٻين صوبن ۾ جاري ڪيل فرمان تي پوريءَ طرح عمل ڪيو ويو: ۽، درن، بٽڇن ۽ منارن کي پٽي اڻين ساڙيو ويو جيئن مُردي جي ارٿي کي ساڙيو آهي، انڪانپوءِ پوري عمارت کي پاڙئون پٽي مڪمل طور تي تباهہ ڪيو ويو.[160] اها ڳالهہ شايد هن مفهوم ۽ موقعي جي مناسبت سان آهي جو هڪ عمدي ڪهاڻي وجود ۾ آئي جيڪا ڪيترن ئي مختلف طريقن سان بيان ٿيل آهي ۽ ڪٿي ڪٿي يقين ڪرڻ جي قابل بہ نہ هوندي آهي تنهنڪري اها اسانجي جڏبن کي اپارڻ ۾ تہ مدد ڪري ٿي پر اسانجي اندر جي ڇاڻ ۽ هورا ڪورا کي مطمئن نٿي ڪري سگهي. فرجيا جي ننڍي شهر ۾، جنهن جي نالي ۽ حالتن کان اسان بيخبر آهيون، اُتي لڳي اڻين ٿو تہ مٿجسٽريٽن ۽ اُتان جي ٻين ڪيترن ئي ماڻهن عيسائي مذهب اختيار ڪيو هو. ۽ جيئن تہ فرمان تي عمل ڪرڻ ۾ ماڻهن طرفان ڪجهہ رڪاوٽ ۽ مزاحمت جو انديشو هو. تنهنڪري صوبي جي گورنر کي ڪيترن ئي فوجي جٿن جي مدد موڪلي وئي هئي. اُنهن جي پهچڻ تي شهرين پاڻ کي ڪليسا جي اندر ڪٽي اچلايو ۽ پڪو عزم ڪيو تہ يا تہ اُهي ان پاڪ عمارت جي پوري حفاظت ڪندا يا وري ڪليسا سان هو پاڻ بہ گڏجي تباهہ ٿيندا. اُنهن وڏي ڪاوڙ مان اختياريءَ وارن جي تنبيهن کي رد ڪري ڇڏيو ۽ اختياريءَ وارن جي ان اجازت کي بہ ڏڪرائي ڇڏيو تہ هو پلي ڪليسا مان ٻاهر هليا وڃن: نيٺ

سپاهين کي سندن ضدّ واري انکار تي سخت کاوڙ آئي ۽ هنن عمارت کي چٽي طرفن کان باهه لڳائي ڇڏي جنهن ۾ فرجيا جا بيشمار ماڻهو پنهنجن زالن ۽ ٻارن سميت سڙي رکَ ٿي ويا[161] ۽ اهڙيءَ طرح هيءَ هڪ انوکي ۽ مٽاهين درجي واري شهادت ليکي وئي.

شام ۽ آرمينيا جي سرحدن تي کجهه نندي پٽماني تي فساد فتنا برپا ٿي ويا ۽ اُنهن جي شروع ٿيڻ شرط ئي کين کچليو ويو. پر انهن فسادن کليسا جي دشمنن کي بظاهر کجهه معقول موقعو ڏنو ۽ اُنهن کين ترغيب تي ڏني ته اهيَ شرارتون ۽ سازشون مخفي طرح سان پادرين ٿي کيون. جن پنهنجي چُپ چاپ ۽ بي انداز فرمانبرداريءَ جي ظاهري ڏيکاوَ واري روايت کي هاڻي وساري ڇڏيو هو.[162] ڊائڪليشيَن جي ناراضگي ۽ خوف خطرا هاڻي کيس اعتدال جي حدن مان ٻاهر ڪڍي ويا. يعني جن حدن کي هُن هِن وقت تائين محفوظ ڪري رکيو هو. اُهي ختم ٿي ويون ۽ هن تمام ظالماڻن فرمانن ذريعي اعلان ڪيو ته هو هاڻي عيسائيت جي نالي کي ئي ميساري ڇڏيندو. هنن منجهان پهرئين حڪر ذريعي صوبن جي گورنرن کي هدايتون ملي ويون ته گرجائن سان تعلق رکندڙ سيني ماڻهن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ جيل، جيڪي گندن ۽ بچڑن ڏنڏن وارن قيدين لاءِ مخصوص هيا، پادرين، نائب پادرين، راهبن، سرشتيدارن ۽ پوپن سان پريا ويا. هي فرمان ذريعي مئجسٽريٽن کي حڪر ڏنو ويو ته هر قسر جي سختيءَ کي تحرڪ ۾ آندو وڃي جو ڪٽي ائين نه ٿئي ته هو پنهنجي حقارت وارن وهمن وسوسن مان ٻاهر نڪري اچن. پشيمان ٿين ۽ ٻيهر پنهنجن خدائن ۽ ديوتائين جي مجيل عبادتن طرف واپس ٿين. هن انتهاهي سخت فرمان جي دائري کي ايڏا وري هي حڪر ذريعي وڌايو ويو ۽ سڄي شهنشاهت جي عيسائين سان لاڳو ڪيو ويو جن کي ڪلئي تشدد، اذيتن ۽ عذابن جي حوالي ڪيو ويو.[163] بجاءِ اهڙين رڪاوٽن ۽ بندشن کي لاڳو ڪرڻ جي جن سان الزام لڳائيندڙ کي قسر تي شاهدي ڏيڻي پوندي هئي، اها هاڻي شاهي آفيسرن جي ڊيوٽي ۽ فرض بڻجي ويو ته هو عقيدتمندن منجهان گندن ۽ ناپسنديده ماڻهن کي ڳولي لهن. انهن جو پيڇوڪن ۽ اُنهن کي تڪليفون ۽ اذيتون رسائن. اُنهن ماڻهن لاءِ وڏا ڏنڊ مقرر ڪيا ويا هيا جيڪي اُنهن ماڻهن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪندا جن کي موت جي سزا ملي چڪي هئي چو ته اهڙيءَ طرح هو ديوتائن توڙي شهنشاهن جي سخت ناراضگيءَ جو سبب بڻجندا. پر هن سخت قانون جي هوندي به، کجهه لادين ماڻهن جي نيڪيءَ واري همت جي تعريف ڪرڻ ضروري آهي جن پنهنجن کجهه دوستن ۽ عزيزن کي لڪائي ڇڏيو هو جنهن مان ان ڳالهه جو هڪ عزت پريو ثبوت ملي ٿو ته وهمن وسوسن ۾ غرق ماڻهن ۾ فطري جذبن ۽ انسانيت جي مشعل روشن هئي جيڪا ايڏا تائين اُجهاڻي ڪا نه هئي.[164]

جيئن ئي ڊائڪليشين عيسائين جي خلاف مختلف فرمان ڇپرائي جاري ڪرايا، ته ائين لڳو ته ڇڻ هو اذيتن وارو ڪر ڪنهن ٻي جي هٿن ۾ سپرد ڪرڻ جو خواهشمند هو: هن اوچتو ئي اوچتو پاڻ کي شاهي تخت تان پاڻ ئي دستبردار ڪري ڇڏيو. سندس سائين ۽ جانشينن جي اخلاق ۽ روَيي کين هنن سخت ترين قانونن کي کڏهن ته جاري رکڻ جو ٿي سوچيو ته کڏهن وري اُنهن کي رد ڪرڻ جو کين خيال ٿي آيو. ۽ وري اسان جي مجبوري اها آهي ته هن دوَر جي کليسائي تاريخ جو اسان وٽ کو واضح ثبوت يا ڪا ڇٽي حقيقت به اسانجي سامهون ڪانهي، جيستائين

اسان شهنشاهت جي هر حصي ۾ عيسائيت جي حالت بابت انهن ڏهن سالن جو جائزو ونڻ ۽ اندازو لڳايون جيڪو ڊائڪليشين جي پهرين فرمان ۽ ڪليسا جي آخري صلحنامي جي وچ ۾ گذريو هو.

ڪانسٽنٽيس جي نرم طبيعت ۽ سندس انسانيت، ڪنهن به انسان يا سندس رعيت جي ماڻهن کي تڪليف ڏيڻ جي سخت خلاف هئي. سندس محلات جا ڪيترائي عهدا هاڻي عيسائين سنڀالي ڇڏيا هيا. هو ڪين پيار ڪندو هو، سندن وفاداريءَ جو قدر ڪندو هو ۽ سندن مذهبي اصولن کان ڪيس ڪاب ٻڃان ڪاڻ لڳندي هئي، پر، جيستائين ڪانسٽنٽيس سيزر جي ماتحت پوزيشن ۾ رهيو، تہ اهو سندس اختيار ۾ ڪو نہ هو تہ ڊائڪليشين جي حڪمن يا فرمانن کي رد ڪري ڇڏي يا مئڪسيمين جي حڪمن جي نافرماني ڪري. سندس اختيارن جو بهرحال وڏو فائدو اهو پيو جو هن ماڻهن جو تڪليفن ۽ اذيتن کي اڃي ختر ڪيو جن تي ڪيس رحر ۾ ايندو هو ۽ جن کان ڪيس سخت نفرت پئ هئي. هن سخت مجبوريءَ مان گرجائن کي تباهہ ڪرڻ لاءِ هائوڪار ڪئي، پر هن اها جرئت ڪئي تہ خود عيسائين کي ماڻهن جي غصي ۽ ڪاوڙ کان ڪين محفوظ رکي ۽ قانون جي سختيءَ کان ۾ ڪين بچائي، گال جا صوبا (جنهن هيڻ اسان برطانيہ جا صوبا ۾ شامل ڪريون ٿا) امن امان کي قائم ڪرڻ ۾ پنهنجي حاڪر جي مداخلت جا احسانمند هيا[165] جنهن جي مائيٽي طبيعت سبب صلح ۽ سکون قائم ٿيو هو. پر ڊئيئينس، اسپين جو صدر يا گورنر، سندن جوش يا پاليسيءَ سبب، ڪانسٽنٽيس جي اندروني ۽ انساني نيت کي سمجهڻ ۽ پرکڻ جي بجاءِ، شهنشاهن طرفان جاري ڪيل فرمانن جي تعميل ڪرائڻ تي وڌيڪ زور ڏنو: ۽ ان ڳالهہ ۾ ڪو ۾ شڪ ناهي تہ سندس صوبائي انتظام ڪجهہ شهيدن جي رت سان داغدار ضرور ٿيو هو.[166] ڪانسٽنٽيس جي آگسٽس جي تمام مٿاهين ۽ خود مختيار لقب ۽ عهدي تي ترقي، سندس نيڪين ۽ انساني ڪُٽن کي ڪم ڪرڻ جو پورو پورو اختيار سؤنپي ڇڏيو هو ۽ سندس مختصر حڪومت جي دوڙ ۾ پي هن سهپ ۽ برداشت جي سرشتي کي قائم ڪرڻ ۾ دير نہ ڪئي هئي جنهن جو سونهري مثال هن پنهنجي پٽ ڪانسٽنٽائن لاءِ ڇڏيو هو. سندس پاڻ وارو پٽ، تخت تي ويهڻ جي پهرئين ڏينهن ئي هن پاڻ کي ڪليسا جو محافظ ڪوٺيو ۽ آخر ڪار هن پهرئين شهنشاهہ جو لقب حاصل ڪيو جنهن ڪليو ڪلايو پاڻ عيسائي مذهب اختيار ڪيو. سندس نئين مذهب اختيار ڪرڻ جا سبب، جيڪي سندس مهربان ۽ شفيق طبيعت کي ڏسندي ڪيترائي ٿي سگهن ٿا جيئن پاليسي، پڪو عقيدو يا پيڇتاءُ ۽ انقلاب جي ترقي، جنهن سندس ۽ هنجي پٺن جي طاقتور اثر سبب، عيسائيت کي روم جي شهنشاهت جو حڪومت ڪندڙ مذهب بنائي ڇڏيو هو. اهو هن تاريخ جي هي جلد ۾ ڏاڍو دلچسپ ۽ تمام اهر موضوع هوندو. هن وقت ايترو ٻڌائڻ ڪافي آهي تہ ڪانسٽنٽائن جي هر فتح هاڻي چرچ کي فائدا ٿي پهچايا ۽ ان جون تڪليفون گهٽايون ٿي.

اتلي ۽ آفريڪا جي صوبن ۾ ٿوري وقت لاءِ اذيتن جو خطرناڪ سلسلو جاري رهيو. ڊائڪليشين جي سخت فرمانن کي سندس سائي مئڪسيمين اوتري ئي سختي ۽ خوشيءَ سان عملي جامو پهرائي رهيو هو، جنهن کي عيسائين کان سخت نفرت هئي ۽ جنهن کي رت ۽ تشدد جي راند کيڏڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو. اذيتن جي پهرئين سال سرءُ جي موسم ۾، ۽ شهنشاهہ روم ۾ مليا تہ فتح کي ملهائن، لڳي ٿو تہ سندن مخفي ملاقات جي نتيجي ۾ ڪيترائي وڌيڪ اذيت ڏيندڙ قانون ٺهيا ۽ اُنهن تي عمل ڪرڻ جا حڪر ۽ نڪري ويا، ۽ مئجسٽريٽن جي محنت ۽

ذهانت تڏهن وڌيڪ اثرائتي هوندي هئي جڏهن حاڪر ساڻن گڏ هوندا هيا. ڊائڪليشين جڏهن پاڻ کي خود تخت تان هٽايو هو. انڪانپوءِ اتلي ۽ آفريڪا ۾ سيورَس جي نالي حڪمراني ڪئي ويندي هئي، جتي سدائين هنجي مالڪ گئلريس طرفان سندس ڪاوڙ ۽ ظلمن جو خطرو رهندو هو. روم جي شهيدن ۾، اڏوڪنّس ايندڙ نسلن جو توجهه ۽ ڏيان جو مستحق آهي. هو اتلي جي مٿاهين خاندان منجهان هو ۽ محلات ۾ رهي ڪري بار بار عزت ۽ اعزاز حاصل ڪيائين ۽ هينئين رتبي کان پاڻ کي پنهنجي اهليت ذريعي هڪ خانگي زمين جي ٽڪري يا خطي جي خزانچي تائين وڃي پهچايائين. اڏوڪنّس جو رتبو انڪري ايڏو وڌيڪ نمايان آهي جو پنهنجي رتبي ۽ طريقي جو هو پهريون شخص آهي جنهن کي اذيتن جي پوري عام دوُر ۾ موت جي سزا ملي.[167]

مئڪينٽيَس جي بغاوت، اتلي ۽ آفريڪا جي ڪليسائن ۾ فورن امن جي فضا کي موٽائي آندو ۽ ساڳئي آمر، جنهن رعيت جي هر طبقي کي پنهنجي ظلم جو نشانو بنايو هو، پاڻ کي هاڻي انصاف پسند، رحمدل ۽ مظلوم عيسائين جي حق ۾ پڙ هڪ طرفو نظر آيو. هن سندن احسانن ۽ محبتن تي گهٽو ٿي پاڙيو ۽ فطري طرح اهو فرض ٿي ڪيائين تہ جيڪي تڪليفون ڪين آيون هيون يا اُهي خوف ۽ خطرا جن جو ڪين سندن جاني دشمن ڪان ايڏا بہ انديشو هو، تہ سندس طرفان مهربانيون يقيني طور تي اُنهيءَ طبقي جون وفاداريون وٺڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿيندیون جيڪي تعداد ۾ بہ گهٽا تہ وري ڪافي دولتمند پڙ هيا.[168] مئڪينٽيَس جو روَيو، روم ۽ ڪارٿيج جي پادرين ڏانهن پڙ سندس سهپَ ۽ برداشت جو ثبوت هو چو تہ اهو ممڪن هو تہ ڪٽر قسر جا شهنشاهَ بہ شايد مجيل مذهبي ماٺهن طرف ساڳئي قسر جي ڪردار سان پيش ايندا جهڙو مئڪينٽيَس جو هو. مارسيلَس، جيڪو اڳيون مڪيہ مئجسٽريٽ هو، گاديءَ جي هنڌ ڪي، پنهنجي پشيماني ۽ ڪفاري سبب، مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو هو ۽ اهو ڪفارو هن ٻين ڪيترن عيسائين مٿان پڙ مڙهيو هو، جن پوئين دوُر جي اذيتن ۾ يا تہ مذهب کي ڇڏي ڏنو هو يا وري ان سلسلي ۾ بهروپيا بنجي ويا هيا. نتيجو اهو نڪتو هو جو فرقن جي سخت ڪاوڙ بيشمار ۽ تشدد وارن فسادن ۽ هنگامن کي جنم ڏنو. ساڳئي مذهب جي ماٺهن پنهنجن ئي هٿن سان هڪ ٻئي جو رَت وهايو ۽ مارسيلَس جي ملڪ نيڪالي، جنهن جي دوراندیشي سندس جوش ۽ ڪاوڙ جي مقابلي ۾ گهٽ نمايان هئي، واحد رستو بچيل هو جيڪو روم جي بگڙيل ۽ وڪوڙيل ڪليسا ۾ امن جي پرسڪون فضا کي واپس ورائي تي سگهيو.[169] ڪارٿيج جي پادري مينصوريَس جو ڪردار ايڏا بہ وڌيڪ ڌِڪار ۽ نفرت جوڳو هو. ان شهر جي راهبَ، شهنشاهہ جي خلاف هڪ تحريري الزام لڳايو هو. الزام لڳائيندڙ پادريءَ جي محلات ۾ وڃي پناهہ ورتي، ۽، توڙي جو ڪليسائي ڇوٽ يا حق جي استعمال جو ايڏا وقت نہ آيو هو، پادري ڪيس انصاف ۽ عدالت جي آفيسرن تائين وڃڻ نہ ڏنو. اهڙي غداريءَ واري مزاحمت لاءِ مينصوريَس کي عدالت طلب ڪيو ويو ۽، اُتي موت يا ملڪ نيڪالي جي قانوني ۽ عدالتي فيصلي کي قبول ڪرڻ بجاءِ، سندس معائني ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس اجازت ڏني وئي تہ يلي هو پنهنجي پادريءَ ڏي هليو وڃي،[170] مئڪسينٽيَس جي وقت ۾ عيسائي رعيت جي ماٺهن جي اها خوشحالي هئي تہ جڏهن بہ پنهنجي مطلب تارڻ لاءِ ڪين ڪنهن بہ شهيد جي ضرورت پوندي هئي تہ اُهي ان کي اوير جي ڏُورانهن صوبن مان ڳولي ۽ اُنهن کي خريد ڪري پيش ڪندا هيا. هن سلسلي ۾ اڳلي جي ڪهاڻي ٻڌڻ وٽان آهي، هوءَ روم جي عورت هئي ۽ هڪ سفارتي گهراڻي سان آٿ جو تعلق هو ۽ وٽس زميني

ملڪيت ايتري تہ گهٽي ۽ وسيع هئي جو ان جي سنيال لاءِ هن ٽيهتر ماڻهو مقرر ڪيا هيا. هنن منجهان بونيفيس پنهنجي مالڪياڻيءَ جو پسنديده شخص هو. ۽، جيئن اڳلي، پيار ڪي اڻپنا سان گڏ ڪري وئي تہ ان کان پوءِ معلوم ٿيو تہ بونيفيس کي پنهنجي مالڪياڻيءَ سان ساڻئي بستري تي سمهڻ جي اجازت ملي وئي. سندس بخت ان کي ان قابل بنايو تہ پنهنجي پاڪ خواهش کي خوش ڪرڻ لاءِ مشرق مان کي مقدس تبرڪ گهرائي ونئي. هن کاڻي سون جون شيون ۽ خوشبوئن جو سامان بونيفيس جي سپرد ڪيو. ۽ هنجو عاشق ٻارهن گهوڙيسوارن ۽ ٽن ڏکيل گاڏين سان ڏورانهين سفر تي روانو ٿيو يعني سليشيا ۽ تارسَس کيس پهچڻو هو جيڪو تمام پري هو.[171]

گٹلريَس جي خونخوار طبيعت، جيڪو اذيتن جو مکيہ ۽ پهريون خالق هو، انهن عيسائين جو سخت دشمن هو، جيڪي بدقسمتيءَ سان سندس ٽي حڪومت ۾ سندس حدن اندر رهندا هيا؛ ۽ اهو جائز طرح سان سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ وچولي طبقي جا ڪيترائي ماڻهو جيڪي ايا تائين دولت ۽ ملڪيت جي زنجيرن ۾ جڪڙيل نہ هيا تہ اُهي پنهنجي آبائي وطن کي ڇڏي، مغرب جي ملڪن ۾ وڃي رهائش پذير ٿيا هيا جتان جي آبهوا وٹندڙ ۽ معتدل هئي. جيترو وقت هن اليريڪر جي صوبن ۽ فوج تي حڪومت ڪئي تہ ڪيس اهڙي ملڪ ۾ وڏي مشڪل سان شهيدن جو تعداد ملي سگهندو هو جيڪو جنگجُو هجي جنهن ۾ عيسائيت جا بيشمار پرچارڪ موجود هيا پر اُهي سڄي شهنشاهت جي ڪنهن بہ حصي جي مقابلي ۾[172] پنهنجي جستجو ۾ ڪجهہ ڏرا ۽ آماده ڏٺا هئا. پر جڏهن گٹلريَس کي پورا ۽ مڪمل اختيار ملي ويا ۽ مشرق جي حڪومت بہ پوريءَ طرح سندس حوالي ڪئي وئي تہ هن پنهنجي چاهہ، جوش ۽ ظلر کي پنهنجن ماڻهن ذريعي پوري طاقت سان نہ رڳو ٽريس ۽ ايشيا جي صوبن ۾، استعمال ڪرڻ چاهيو، جن سندس حڪومتي انتظام کي مجيو ٿي، پر شام، فلسطين ۽ مصر جي صوبن ۾ بہ ساڻيا اختيار ٿي هلايائين جتي مڪسيمن پنهنجو زور ڏيکاري رهيو هو ۽ ماڻهن کان سختي ۽ ڏاڍ سان سندن فرمانبرداري ڪرائي رهيو هو تہ جيئن پنهنجي محسن جي سخت ظالماڻن فرمانن جي پيروي ڪرائي کيس خوش رکي سگهي.[173] وڏن مقصدن ۽ تجويزن ۾ سندس ناڪامي، اذيتن جو ڇهن سالن جو تجربو ۽ ڪجهہ فائديمند اهجاڻ جيڪي هڪ ڏڳهي ۽ ڏکوئيندڙ ذهني ڪيفيت گٹليس کي آڇيا هيا، انهن جهٽڪن آخرڪار کيس يقين ڏياريو هو تہ آمريت جون ڪيترين بہ ظلر ۽ بربريت جون چالون يا ڏاڍ ۽ وهڪاوَ پلي هجن پر اُهي هڪ ٽي وقت سيني ماڻهن کي تباهہ نٹا ڪري سگهن ۽ نہ وري سندن مذهبي جذبن ۽ عقيدن کي پنهنجي مطلب مطابق مات ڏئي سگهن ٿا. سندس طرفان ڪيل شرارت جي ازالي ڪرڻ لاءِ، هن پنهنجي ۽ لسينيَس ۽ ڪانسٹنٹائن جي نالي ۾ هڪ فرمان چپرايو هو، جيڪو شاهي خطابن جي شاندار تمهيد ڪانپوءِ هن طرح شروع ٿيو هو:

"جن ڳالهين شهنشاهت جي فائدي ۽ انجي بچاءَ جي سلسلي ۾ اسانجي ذهن کي رُڌل رکيو آهي تہ اسانجي نيت اها هئي تہ سڀني ڳالهين جو جائزو وٹي انهن مان سُٹين کي ٻيهر قديمي قانونن ۽ رومين جي مُروج نظر ۽ ضبط مطابق قائر ڪجي. اسانجي خاص طرح اها خواهش هئي تہ گمراهہ عيسائين کي ٻيهر دليلن ۽ فطرت جي وات وٹرائجي، جن پنهنجن ابن ڏاڏن جي مذهب تورِي اُنهن جي رسمن رواجن کي ڇڏي ڏنو هو ۽ بي ادبيءَ منجهان هنن قديمي ڪمن کان نفرت ڪندي، نوان قانون ۽ نظريا گهڙي ورتا آهن جيڪي سندن پنهنجن ذاتي خيالن جي ترجماني

کن تا ۽ هنن شهنشاهت جي مختلف صوبن منجهان ٽڪرا ٿوٽا گڏ ڪري متضاد طريقي جي سوسائٽي ٺاهي ورتي آهي..جيڪي فرمان اسان جاري ڪيا آهن تہ جيئن ديوتائن جي عبادت کي ٻيهر رائج ڪري سگهجي، انهن ۾ عيسائين کي اسان خطرن ۽ ڏولاوَن جي مُنهن ۾ وجهي ڇڏيو آهي، ڪيترن کي موت جي سزا ملي چڪي آهي ۽ ٻيا ڪيترائي، جيڪي اڃا ب پنهنجي ناپاڪ غلطين ۽ گناهن ۾ گرفتار آهن، جو تہ وٽن ڪنهن ب مذهب جي اختيار نہ رهڻ سبب يتيم ۽ بي سهارا ٿي ويا آهن، تہ اسانکي اهڙن بدنصيب ماڻهن لاءِ، اهو اعلان ڪندي سڪون ٿو پهچي تہ اُنهن کي رحم جي چپر چانوَ هيٺ آڻي ڪجهہ آٽت ڏجي. تنهنڪري اسان کين اجازت ڏيون ٿا تہ جيڪي ب سنڊن خيال ۽ نظريا آهن پلي اُهي اُنهن تي قائم رهن يا جيڪو ب نظريو اختيار ڪن تہ ان ۾ اُهي آزاد آهن ۽ پلي پنهنجن مذهبي اجتماعن ۾ بغير ڪنهن خوف خطري جي حصو وٺن پر شرط هميشہ لاءِ اهو رهندو تہ جيڪي ملڪ جا مجيل قاعدا قانون آهن تہ اُنهن جو توڙي حڪومت جو احترام ڪرڻ متن لازمي ۽ ضروري آهي. هڪ ٻي تحرير ذريعي اسان پنهنجا ارادا ججن ۽ مئجسٽريٽن تي ب واضح ڪنداسين ۽ اسان اُميد ٿا ڪريون تہ هنن مهربانين منجهان عيسائي ڪجهہ پرائيندا ۽ وڏي رب جي عبادت ۾ پاڻ کي مشغول ڪري ڇڏيندا جنهن جي آڏو هو اڃ ئي جُهڪن ٿا ۽ ان کي ساراهن ٿا ۽ اُميد تہ اُهي اسان جي، سنڊن پنهنجي ۽ جمهوريہ جي سلامتي ۽ خوشحاليءَ لاءِ دعائون گهرندا."[174] هي زبان فرمانن يا اعلانن واري ناهي جو اسان اها تحقيق ڪريون ها تہ شهزادن جي زبان جو طور طريقو ڪهڙو هوندو آهي جو تہ متيان لفظ هڪ شهنشاهہ جا آهن جيڪي هن مرڻ وقت چيا هيا جنهن مان سنڊس خلوص ۽ سچائيءَ جو ب واضح ثبوت ملي ٿو .

جڏهن گئلريس برداشت ۽ سهپ جي هن فرمان تي صحي ڪئي تہ کيس يقين هو تہ لسينيَس آسانيءَ سان پنهنجي دوست ۽ محسن جي تجويزن ۽ ارادن تي عمل ڪندو ۽ ڪرائيندو ۽ جيڪي ب قدم عيسائين جي حق ۾ تجويز ڪيا ويا هيا تہ اُنهن سڀني جي منظوري ڪانسٽنٽائن کان وٺي پوندي. پر شهنشاهہ اها جرئت هرگز نہ ڪندو تہ تمهيد ۾ مئڪيسمن جو نالو لکي ڇڏي جنهن جي اڳواڻ رضامندي وٺڻ بيحد ضروري هئي ۽ جيڪو ايشيا جي صوبن جو ب هاڻي حڪمران هيو. سنڊس پهريَن چهَن مهينن جي نئين حڪومت ۾، مئڪيسمن، پنهنجي اڳئين جانشين جي دوراندیشي وارن مشورن تي بظاهر عمل ڪرڻ جو اظهار ڪيو ۽ توڙي جو هن پنهنجي طرفان ڪنهن ب مهربانيءَ جو اظهار ڪندي فرمانن ذريعي ڪليسا، ۽ امن امان قائم ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل نہ ڪئي، سبيَس سنڊس شاهي محل جي مُنهنڊارَ هڪڙو خط سڀني گورنرن ۽ صوبن جي مئجسريٽن ڏانهن لکيو جنهن ۾ شاهي رحم جي مظاهري ڪرڻ جو تفصيلي اظهار ڪيل هو تہ ساڳي وقت عيسائين جي بيجا هڻ ۽ ضد جو ب ذڪر ڪيل هو. جنهن ۾ انصاف ۽ عدالت جي آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي هئي تہ عيسائن جي فضول ڪيسن ۽ مقدمن جي ڪارروائين کي بند ڪيو وڃي ۽ اُنهن جوشيلن جي مخفي گڏجاڻين کي ب ڏنڊ اڇ ڏنڊ ڪري ڇڏين جيئن کين خبر ئي ڪانہ هئي. هنن حڪمن جي نتيجي ۾ ڪيترن ئي عيسائين کي جيلن مان آزاد ڪيو ويو يا کين ڪاٽين مان ٻاهر ڪڍيو ويو. جن پنهنجن ڏوهن جو اعتراف ڪيو هو، اُهي خوشي ۽ فتح جا گيت گائيندا، پنهنجن پنهنجن ملڪن ڏانهن موٽي ويا، ۽ جن سخت طوفانن جي تيزيءَ آڏو پنهنجي آڏ مجي هئي، اُهي پچتاءَ ڪندا، اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندا ۽ منتون ڪندا ٻيهر ڪليسا جي شفقتن جي چانوَ ۾ داخل ٿي ويا.[175]

پر هيءَ ڏوکي واري سانت عارضي نوعيت جي هئي، ۽ اڳيان جي عيسائين کي حاکر جي کردار تي بہ ڪو اعتماد ڪو نہ ھو. بيرحمي، ظلم ۽ وهر وسوسا، ميڪيسمن جي روح جا اُهي جذبا هيا جن جو مٿس مڪمل قبضو هو. سندس پهرئين اوگڻ، ڏريعن جا پار ٿي پڇيا تہ ٻي اڏيتن جي زَد ۾ ايندڙ ماڻهن جو پورو ڏَس پتو ٿي ٻڌايو، شهنشاهہ ديوتائن جي عبادت جو عقيدتمند هو، جادوءَ جو مطالعو ڪندو هو ۽ غيبي علم يا پيشنگوين ۾ اعتبار ڪندو هو. اُهي پيغمبر صفت يا فيلسوف جن کي هو جنت جا حقدار سمجهي سندن عزت ڪندو هو، اُنهن کي صوبائي حڪومتن ۾ وڏا عهدا ڏنا ويا ۽ کين مخفي ڪائونسلن ۾ داخلا بہ ڀڻ ڏني وئي. اُنهن ڪيس آسانيءَ سان يقين ڏياريو تہ عيسائي، پنهنجين فتحن ۽ وڏن ڪارنامن لاءِ فقط پنهنجي ئي باقاعدگيءَ واري نظر ۽ ضبط جا احسانمند هيا ۽ گهٽن خدائن جي پوڄيندڙن جي ڪمزوريءَ جو مڪيہ سبب سندن ئي مذهب جي آقائن جي ٻڌي ۽ ايڪي جي ڪمي ۽ مرتبن جي گهٽ وڌائيءَ کان لاپرواهي هيو. انڪري حڪومت جي هڪ باقاعدگي سرشتي جو بنياد وڌو ويو، جنهن کي چرچ جي پاليسين منجهان نقل ڪري لاڳو ڪيو ويو هو. شهنشاهت جي سڀني وڏن شهرن ۾، مڪيسمن جي حڪر سان مندرن جي مرمت ڪري اُنهن کي خوبصورت بنايو ويو هو ۽ مختلف ديوتائن جا نامزد پادري، مڪيہ بشپ جي اختيارن هيٺ ڪيا ويا جن جو مقصد پادرين جي مخالفت ڪرڻ ۽ لادينيت کي وڌائڻ کي سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو. هي پادري پنهنجي طرفان وري وڏي شهرن جي پادرين يا "بلند - مرتبت بشپن" جي اختيارن کي نہ رڳو مجيندا هيا پر اُنهن جو احترام بہ ڪندا هيا ڇو تہ اُهي سِڌا سنوان شهنشاهہ جا نمائندا يا وائسراءِ هيا. سندن مرتبي جي سڃاڻپ اُنهن جي سفيد جُبي مان ٿيندي هئي جيڪو ڪين پاتل هوندو هو ۽ هي مڪيہ پادري وڏي احتياط مان مٿانهن مرتبن وارن دولتمند خاندانن مان چونڊيا ويندا هيا. مئجسٽريٽن ۽ پاپائي ماڻهن جي اثر رسوخ سبب، ماڻهن جون ڪيتريون ئي ائڊريسون ۽ ڏَس پتا ملي ويا خاص طرح نڪوميڊيا، انٽئڪ، ٽائر جي شهرن منجهان جنهن مان ماڻهن جي نيتن، ارادن ۽ عام ماڻهو جي طور طريقن جو پتو ٿي پيو. شهنشاهہ کي عرض ڪيو ويو تہ ماڻهن تي رحم ڪرڻ جي معاملن جي بدران انصاف جي قانونن کي چگيءَ طرح ڏسي وائسي، عيسائين کان نفرت جو اظهار ڪيو ويو ۽ نماڻائي مان عرض ڪيو ويو تہ انهن ناپاڪ فرقي وارن کي گهٽ ۾ گهٽ سندن جدا جدا حدن مان ٻاهر ڪڍيو وڃي. مڪسيمن جو جواب جيڪو هن ان خطاب جي موٽ ۾ ڏنو هو جنهن کي هن ٽائر جي شهرين کان حاصل ڪيو هو، اڄا تائين موجود آهي، هو سندس جذبن ۽ عقيدن جي تعريف ڪري ٿو ۽ اُنهن لاءِ پنهنجو مڪمل اطمينان ظاهر ٿو ڪري، عيسائين جي ضد ۽ ناپاڪائيءَ جو تذڪرو ڪري ٿو، ۽ جلدي سندن ملڪ نيڪاليءَ جو فيصلو ٿو ڪري ۽ ان ڳالهہ تان ڳري ٿو وڃي تہ هن ڪنهن جو احسان ڪنيو هو بجاءِ ان جي تہ هن ڪنهن تي احسان ڪيو هو. پادرين تورڙي مئجسٽريٽن کي اختيار هيا تہ سندس فرمانن تي عمل ڪرائن جيڪي تامي جي پٽين تي نقش ٿيل هيا، ۽ تورڙي جر کين سفارش ڪيل هئي تہ رت وهائڻ کان پاسو ڪن، پر ان هوندي پي ضدي ۽ هٺيلن عيسائين کي تمام ذلت واري سزائون ڏنيون ويون ۽ مٿن طرحين طرحين ظلم ڪيا ويا.[176]

ايشيا جا عيسائي هِن ڪٽر تعصبي بادشاهہ کان سخت ڏهندا هيا جيڪو هنن خلاف تشدد ۽ ظلم جا عجيب ۽ انوکا منصوبا پيو ٺاهيندو هو ۽ کين تنگ ڪندو هو. پر ڪجهہ مهينا مَس گذريا هيا جو هن مغربي شهنشاهن طرفان

جاري ڪيل فرمانن مٿسيمن کي مجبور ڪيو ته هو تشدد جي ڪارروائين کي ترڪ ڪري، پر ته هڪ خانه جنگي جيڪا هن لسينيس خلاف سخت اُبهرائيءَ ۾ شروع ڪئي هئي ته سندس سڄو ڌيان هاڻي اُن طرف هو: ۽ ڪيس شڪست آئي جنهن جي پٺيان موت ۽ سندس انتظار ۾ بيٺو هو. اهڙيءَ طرح سندس موت سان عيسائين مٿان هڪ ڇڪ ڦري ويئي ۽ ڪليسا کي پنهنجي آخري وڏي ۽ ڪٽر دشمن کان نجات ملي وئي.[177]

جيڪڏهن اسان اذيتن جو عمومي جائزو وٺون، جيڪي سڀ کان پهريون ڊائڪليشين جي فرمانن سان شروع ڪيون ويون، مون ڇاڪي واڻي شهيد عيسائين جي موتن ۽ سندن خاص قسم جي اذيتن ۽ عذابن کي بيان ڪرڻ کان لنوايو آهي. توڙي جو اهو ڪر تمام آسان هو، يعني يوسيبيس جي تاريخ کان، ليڪٽينٽيس جي چٽاپيٽين کان يا قديمي عملن جي سلسلي کان جتان ۽ اهو سلسلو شروع ڪجي ها ته اهو هڪ خوفناڪ ۽ ڊگهو داستان بڻجي وڃي ها جنهن ۾ شرمناڪ تصويرون ۽ هجن ها: ڪيترائي صفحا ته اهڙن پيانڪ اذيتن جي شين سان پرچي وڃن ها جهڙوڪ ٽِڪنجا، ڦڪا يا ڏندا، لوها وانگوڙا، تاندن جا بسترا، مطلب ته اذيتن پهچائڻ جو طرح طرح جو سامان جيڪو باهه ۽ رُڪ، جهنگلي ۽ وحشي درندا ۽ ان کان وڌيڪ وحشي جلاد، انساني جسم تي وهائي ۽ وسڪارو ڪري سگهن ٿا. هي ڏڪارا منظر شايد تصور ۾ معجزن ذريعي ٻيهر زندهه ٿي سگهن ٿا جن جو مقصد يا ته موت کي پنڌتي وڃڻ جو هوندو يا وري ڪنهن فتح کي ملهائڻو هوندو. يا وري اُنهن وڪين ۽ درويشن جي پاڪ نشانين کي ڳولڻو هوندو جن فقط حضرت عيسيٰ (ع - س) جي نالي ۾ سورَ سڻا ۽ تڪليفون برداشت ڪيون. پر مان جيڪو ڪجهه لکڻ چاهيان ٿو، ان جو شايد فيصلو نڪو ڪري سگهان جيستائين آءُ پاڻ مطمئن ٿيان ته جيڪو ڪجهه مون هڏو آهي، ان منجهان ڪيتري تائين آءُ ان تي اعتبار ڪري سگهان ٿو. ڪليسائي تاريخ جا مدبر ترين تاريخدانَ جن ۾ يوسيبيس پڻ شامل آهي، اُهو غير سڌي طرح مجي ٿو ته هن اهو ڪجهه بيان ڪيو آهي جيڪو شان شوڪت کي وڌائي ۽ هن اُهو سيڪجهه منظر عام تي نه آندو آهي جيڪو مذهب لاءِ بيعزتي ۽ ذلت جو باعث بڻجي.[178] اهڙو اعتراف فطري طور تي شڪن شُبهن کي جنم ڏينڊو ته هڪ ليڪڪ جنهن ڪليو ڪلايو تاريخ جي بنيادي قانونن جي پڇڙي ڪئي آهي، ان حقيقت جي ٻي رُخ کي ڇو ايتري اهميت ڏني آهي: ۽ هن قسم جي شڪ باعث هاڻي يوسيبيس کي واڌارو مواد مهيا ڪرڻو پوندو جنهن کي سادگيءَ جي ويساهَ واري ملر لڳل نه هجي پر اهڙو موثر هجي جيڪو گهرن جي ايوانن ۾ به تسليم ڪيو وڃي ۽ جيڪو سندس سڀني همعصرن کان وڌيڪ معتبر هجي. ڪن خاص موقعن تي جڏهن مٿجسٽريٽ، ڪن ذاتي سببن يا ٻين ڳالهين جي ڪري، سخت ڪاوڙجي پوندا هئا ۽ جڏهن شهيدن جي قرباني جو جذبو ڪين دوراندیشي توڙي شرافت جي اصولن کي وساريڻ لاءِ مجبور ڪندو هو ۽ قربانگاهن کي درهر برهر ڪري ڇڏيندو هو ۽ شهنشاهن تي ٻڌَ پاراتن جو وسڪارو هوندو هو، يا جج کي ان وقت ڏَڪ لڳندا هيا جڏهن هو عدالت جي ڪرسيءَ تي ويهندو هو، ته اهو فرض ڪيو وڃي ته جيترا به عذاب ۽ اذيتون تصور ڪري سگهجن ٿا، جن کي ظلر ايجاد ڪري سگهي ٿو ۽ صبر انهن کي برداشت ڪري سگهي ٿو، ته اُهي سيئي اُنهن عقيدتمند مظلومن تي آزمايا ويا هيا.[179] هتي هن حالتن جو ذڪر شايد بي خيالي منجهان ڪيو ويو آهي، جن مان اهو تاثر ٿو ملي ته عيسائين سان عمومي ورتاءُ جن کي عدالت جي آفيسرن گرفتار ڪيو هو، اُهو هرويرو برداشت کان ايترو ٻاهر نه هيو جيترو گهڙو ڪري تصور ڪيو ويندو آهي ته اُهو ڪيئن هو: (1)

تصور مجيندڙ جن کي ذليل ڪري ڪاٽين ۽ ڪر ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو هو. اُنهن کي انسانيت طرفان يا رکوالن جي غفلت سبب اجازت ڏني وئي هئي تہ هو پلي ننڊيون گرجائون ٺاهن جن ۾ پنهنجون مذهبي رسمون ادا ڪن ۽ اُنهن پيانڪ جڳهن جي وچ ۾ پلي عبادت بہ ڪن.[180] (2) پادري، عيسائين جي اُبهري جوش جذبي کي لغام ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا هئا ۽ کين تنبيهہ بہ ڪندا رهندا هئا، پو تہ اُهي خودبخود ۽ ڇاڻي واڻي پاڻ کي مئجسٽريٽن جي حوالي وجي ڪندا هيا. هنن مان ڪجهہ اهڙا ماڻهو هيا جيڪي سخت غربت جي زندگي گذاري رهيا هيا ۽ قرضن ۾ جکڙيل هيا، جن اکيون ٻوٽي اهو فيصلو ڪري ورتو هو تہ اهڙي ذلت واري جيئڻ کان عزت وارو موت بهتر هو. ٻيا وري اُن لالچ ۾ هرکجي ويا هيا تہ ٿوري وقت جي قيد ڪاٽڻ سان سڄي زندگي جا گناهہ ڌوڀجي ويندا؛ ۽ ايا ٻيا اهڙا بہ هيا جيڪي گهٽ عزت پرئي مقصد سان سوچي رهيا هيا تہ ان خيرات مان زندگيءَ جي گاڏيءَ کي اڳتي هلائجي جيڪا مذهب جا پوئلڳ قيدين ۾ ورهائيندا هيا،[181] ۽ اُهو خير خيرات جو سرشتو سندن خيال مطابق نہ رڳو سندن گذاري کان گهٽو هو پر اُهو فائديمند ڪاروبار بہ هيو. چرچ جي پنهنجن سڀني دشمنن تي فتح حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ، قيدين دلچسپيءَ توڙي سکڻي ڳوند مان، پنهنجن ڏکن سورن کي گهٽو وڌائي پيش ڪيو. وقت ۽ جڳهہ جي مناسب مفاصلي سبب حقيقتن کي انسانن ۾ تبديل ڪيو ويو يا ٻين لفظن ۾ گهٽي مبالغي کان ڪر ورتو ويو: نتيجي ۾ پاڪ شهيدن جو تعداد ۽ اُنهن جا واقعا گهٽا وڌي ويا توڙي جو ماڻهن کي جيڪي زخر رسيا هيا اُهي فورن ڇُٽي ويا هيا. اُنهن جي طاقت ۾ توانائي اچي وئي هئي جن جا گر ڏيل ماڻهو بہ معجزاتي طور ملي ويا هيا ۽ هاڻي اُهي ايترين آسانين ۾ هيا جو پنهنجي هر تڪليف کي دور ڪري ڏي سگهيا يا هر اعتراض جو ڏُرت ازالو بہ ڪري ڏي سگهيا. تمام اهر مثال ۽ تاريخي واقعا جن ڪليسا جي وقار کي وڌايو هو. تہ بيشمار سادن ۽ پورڻن ماڻهن اُنهن جي تعريف ڪئي ۽ مذهبي ماڻهن جي اختيارن ان جي پٽيرائي ڪئي ۽ جنهن جي مشڪوڪ شاهدي ڪليسا جي تاريخ پڙ ڏني آهي.

ملڪ نيڪالي ۽ جيلن ۾ بند ڏيڻ جا اجايا ۽ فضول بيان ۽ ڏکن سورن جا بيشمار قصا ايترا تہ وڌائي پيش ڪيا ويا آهن يا وري اُنهن کي ڪنهن تقرير جي ماهر جي پين سان نرم ڪيو ويو آهي تہ اسان مجبور ڏي اُهي حقيقتون معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا جيڪي وڌيڪ ضِد ۽ هٺ هوڏ واريون آهن، جيئن ماڻهن جو تعداد جن کي، ڊائڪليشين، سندس ساٿين يا سندس جا نشينن جي فرمانن جي نتيجي ۾موت جي سزا ڏني وئي هئي. هاڻوڪا روايتن جا بيان ڪندڙ ماڻهن جي وڏن لشڪرن ۽ سڄن سارن شهرن بابت ٻڌائن ٿا جيڪي اذيتن جي وهڪري ۾ وهي گر ڏي ويا. جيڪي ڪجهہ وڌيڪ قديمي ليکڪ آهن تہ اُهي ان ڳالهہ تي اڪتفاڪن ٿا تہ رت وهائڻ توڙي گارگند يا بدشد ڳالهائڻ جا هيڪڙ ٻيڪڙ ۽ افسوسناڪ واقعا ضرور ٿيا هيا. جنهن ۾ ايتري مهرباني نہ ڪئي وئي آهي تہ اُنهن ماڻهن جي تعداد جو اندازو بہ ٻڌايو وجي ها جن کي اها اجازت ڏني وئي هئي تہ حضرت عيسيٰ (ع - س) جي عقيدي ۾ مذهب کي پنهنجي رت جي ريلي سان هميشہ لاءِ بند ڪري ڇڏين. يوسيبيس جي تاريخ مان اسان کي جيڪو ڪجهہ معلوم ڏي سگهيو آهي تہ ان مطابق فقط نوَن (9) پادرين کي موت جي سزا ڏني وئي هئي، ۽ اسان کي خاص طرح فلسطين جي شهيدن جي، سندس ڳٽڻ موجب، يقين ڏياريو ويو آهي تہ جيڪي عيسائي شهادت جي وڏي رتبي ماڻڻ لاءِ نمايان هيا اُنهن جو تعداد ڪنهن بہ صورت ۾ بيانوي کان مٿي نہ هيو.[182] جيئن تہ اسان ان وقت جي ڪليسائي

جوش جذبن ۽ سندن جرئتن جي معيار کان پوريءَ طرح واقف ناهيون. تہ اهو اسان جي وَس ۾ نہ آهي تہ اسان پهرئين طبقي بابت کي حوالا يا حقيقتون ٻڌائي سگهون: البت پوئين طبقي لاءِ اسان کي اهم ڳالهيون ۽ امڪاني نتيجا ڪڍڻ جي ڪوشش ڪنداسين. روم جي صوبن جي ورهاست موجب، فلسطين کي مشرقي شهنشاهت جو سورهون حصو تصور ڪيو ويو،[183] ۽ جيئن تہ ڪي گورنر هيا جن پنهنجي ڪوڙي يا سچي رحم دليءَ جي جذبن وسيلي، پنهنجن هٿن کي عقيدتمندن جي رت سان رنگين ڪرڻ کان بچائي رکيو هو،[184] ۽ اها ڳالهہ بلڪل اعتبار ڪرڻ جوڳي ٿي لڳي تہ ان ملڪ جنهن عيسائيت کي جنم ڏنو هو، شهيدن جو فقط سورهون حصو پيدا ڪيو هو جن کي گٹليريس ۽ مئڪسيمن جي حڪومت جي دوُرن ۾ موت جي سزا ڏني وئي هئي: سچي طاقت نتيجي ۾ پندرهن سوَن جي انگ تي اچي ڏنگ ڪيو. هڪ اهڙو تعداد جنهن کي جيڪڏهن اذيتن جي ڏهن سالن سان وَنڊ ڪجي تہ ان حساب سان هڪ سال ۾ ڏيڍ سوُ شهيدن کان مٿي تعداد نہ ٿيندو. ساڳيو ئي طريقو جيڪڏهن اٽلي ۽ آفريڪا جي صوبن سان لاڳو ڪجي ۽ شايد اسپين سان پي، جتي هن يا ٽن سالن جي خاتمي تي، قانون جي سختيءَ کي عارضي طور گهٽ ڪيو ويو هو يا بلڪل ئي ختم ڪيو ويو هو: روم جي شهنشاهت ۾ بيشمار عيسائي جن کي، عدالتي ڪارروائيءَ جي نتيجي ۾، موت جي سزا ڏني وئي هئي، اُنهن جو تعداد ٻن هزار ماٹهن کان بہ گهٽ آهي. جيئن تہ ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ عيسائي تعداد ۾ تمام گهٽا هيا ۽ سندن دشمن اُنهن تي سخت غصي ۽ ڪاوڙ ۾ هوندا هيا، ۽ اهو بہ گهٽو ڪري ٻين وقتن جي مقابلي ۾ ڊائڪليشين جي دوُر ۾ وڌيڪ هيا، هي مناسب ۽ سمجهہ ۾ ايندڙ حساب ڪتاب شايد اسانکي اوائلي درويشن ۽ شهيدن جي باري ۾ تعداد بابت معقول ۽ اهم معلومات ڏئي تہ سچي دنيا ۾ عيسائيت ڪيئن رائج ٿي ۽ هر طرف پکڙجي وئي.

اسان هڪ ڏکوئيندڙ سچ تي هن باب جي پڇاڻي ڪنداسين جيڪو هڪ ناراض ۽ لڪل دماغ تي اوچتو وجي ڪرڻ کندو، تہ جيڪڏهن اسان بغير ڪنهن هڪ يا تحقيق جي شهادتن جي باري ۾ اهو مجيون جيڪو تاريخ ۾ محفوظ آهي يا عقيدي جي مفروضي ۾ آهي، تہ پوءِ اها ڳالهہ بہ ضرور مڃڻي پوندي تہ عيسائين، غيرن ۽ لادينين جي ٻيٹ ۾ پنهنجن اندروني جهگڙن ۽ اختلافن ۾، پنهنجي پاڻ تي ۽ هڪ ٻئي خلاف وڌيڪ سختيون سٹيون آهن ۽ ڪربناڪ اذيتن مان گذريا آهن. جهالت جي دوُر ۾ جيڪو مغرب ۾ روم جي شهنشاهت جي بربادي کانپوءِ شروع ٿيو. شاهي شهر جي پادرين پنهنجي حڪومتي اختيارن جي دائري کي عام ماٹهن توڙي لاطيني ڪليسا جي مذهبي ماٹهن تائين وڌائي ڇڏيو. وهمن وسوسن جو ڇار جيڪو اُنهن پکيڙيو هيو، ۽ جنهن شايد دليلن جي ڪمزور ڪوشش جي خلاف ورزي ڪئي هئي، آخرڪار ان تي جرئتمند جنوني ماٹهن جي هجوم طرفان حملو ڪيو ويو. جن ٻارهين کان سورهين صدي عيسوي تائين، اصلاح پسندن جو ڪردار ادا ڪيو هو. روم جي ڪليسا جنهن تشدد ذريعي ان شهنشاهت جو دفاع ٿي ڪيو جيڪا ڪيس دوڪي ۽ فريب ذريعي حاصل ٿي هئي: امن ۽ محبتن جي سرشتي کي، موتَ جي رجسٹر ۾ نالن جي داخلا واري عمل، جنگين، قتل، ۽ پاڪ رتبن جي ادارن بيعزتو ۽ ذليل ڪري ڇڏيو هو. جيئن تہ اصلاح پسند شهري ۽ مذهبي آزاديءَ ۾ يقين رکندا هيا تہ ڪٹٹولڪ شهزادن پنهنجن مقصدن کي بہ مذهبي ماٹهن سان ملائي ڇڏيو ۽ ڏاڍ ۽ ترار جي زور تي روحاني ناپسنديدگي جي ڏهڪاوَن کي اجاگر ڪيو. فقط نيدرلئنڈ ۾ ٿي،

چارلس پنجين + جي هڪ لک کان وڌيڪ رعيت جي ماڻهن کي جلاد جي هٿن سان موت جي سزا ڏني وئي هئي ۽ هيڏي ساري تعداد جي گروٽيَس،[185] به تصديق ڪئي هئي جيڪو هڪ ذهين ۽ عالم ماڻهو هو ‡ جنهن پنهنجي اعتدال پسندي کي مختلف فرقن جي چٽاپيٽيءَ ۾ به محفوظ رکيو هو ۽ جنهن پنهنجي دؤر ۾ ملڪ جا تاريخوار واقعا اهڙي وقت ۾ لکيا هيا جڏهن چپائيءَ جي ايجاد، ذهانت ۽ تخليقي ڪمن جي واڌاري کي سهولتون پهچايون هيون ۽ ساڳي وقت مواد جي پکڙجڻ جي خطرن کي به وڌائي ڇڏيو هو. جيڪڏهن اسان گروٽيَس جي سنڊ کي تسليم ڪريون تا ته پوءِ اهو به مڃڻو پوندو ته پروٽيسٽنٽَس جن کي هڪڙي ئي صوبي ۽ هڪ ئي دؤر ۾ موت جي سزا ڏني وئي هئي، اُنهن جو تعداد گذريل تن صدين جي شهيدن کان به تمام گهڻو مٿي هيو ۽ شايد سڄي روم جي شهنشاهت ۾ به ايتري گهڻي تعداد جو وجود ڪڏهن بہ نہ رهيو آهي. پر جيڪڏهن اُهي حقيقتون، جن جو وجود ئي نہ هجي، وزنائتين شاهدين تي حاوي ٿي وڃن، ۽ جيڪڏهن گروٽيَس کي، اصلاح پسندن جي ذهانت ۽ سنڊن تکليفن جي باري ۾ مبالغي ڪرڻ تي سزا ڏني وڃي، ته ان صورتحال ۾ اسان مجبور ٿي اهو پڇڻ چاهيندا سين ته قديمي سادگي ۽ پورڙائيءَ جي مشڪوڪ ۽ اڻپورن يادگارن تي ڪهڙو اعتماد ڪري سگهبو. يا شاهيَ ۽ درباري پادريءَ جي ڪردار تي ڪيتري حدتائين ويساهه ڪري سگهبو. يا ان جوشيلي تقرير جي ماهر لاءِ جا چٽبو جنهن کا ڪانسٽنٽائن جي حفاظت ۾، فتح ٿيل مخالفن طرفان يا سندن عزت واري حاڪر جي غير اهر ابن ڏاڏن طرفان، عيسائين جي اذيتن کي رکارڊ ڪرڻ ۽ اُنهن کي ايندڙ وقت لاءِ محفوظ ڪرڻ جون خاص سهولتون ميسر ڪري ڏنيون ويون هيون.

باب - سورهون

حاشين بابت وضاحتون

1. سائرين ۾ اُنهن 2,20,000 يونانين کي قتل ڪيو. قبرص ۾ 2,40,000 کي ۽ مصر ۾ بيشمار ماڻهن کي ذبح ڪري ڇڏيائون. هنن بدقسمت ماڻهن منجهان ڪيترن کي ڪارائيءَ سان چيري ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو. ۽ اڳ ۾ حضرت دائود (ع - س) جو وڻ مثال موجود هو. فاتح يهودين ماڻهن جي گوشت کي هيڃ وچان ڪاڌو ۽ ڇڙڪايو. سندن رت کي چٽيو ۽ پيتو ۽ اُنهن جا آندا گوندا ڪيي. اُنهن کي وکوڙي ۽ پنهنجن جسر تي پٽن وانگر ڪٽي ٻڌايون (ڏسو ڊائن ڪئسيَس (Ixviii,1145) .

2. جوزفس جي ڇاتل سڃاتل بيانن کي ڏهرائڻ جي بجاءِ، اسان کي ڊائن (Ixix,1162) کان معلومات ملي ٿي ته هٿدرٿن جي جنگ ۾ 5,80,000 يهودين جا سِرَ ترارين سان قلم ڪيا ويا هيا. ان کانسواءِ ڇڪٽ کان وڌيڪ بيشمار ماڻهو ڏُکر ۽ بيمارين ۾ مٺا ٿه ٻيا ڪيترائي باهه جي ڇپين ۾ سڙي رک ٿي ويا.

* (بار - ڪوچبا - فساد جو ليڊر 135-132ع).

3. ڪٽر يهودين لاءِ بسنيج کي ڏسو (جوئفس جي تاريخ i,17) مسيحا جي ڪردار لاءِ رابس مطابق ڏسو (v,11,12,13) بارڪوڪيباس جي عملن لاءِ ڏسو (vii,12) .

4. اسان هڪ روم جي وڪيل مادِستئينَس جا ٽورائتا آهيون (ڪتاب - iv) جنهن ائنٽونينَس جي فيصلن جي باري ۾ اسانکي تفصيلي معلومات ڏني. (ڏسو ڪاسوبان کي آگسٽ جي تاريخ ۾ (ص - 27).

5. ڏسو بسنيج کي (جوئفس جي تاريخ ۾ iii,283) سردار جي مرتبي کي تنڊي ٽوڊوسيَس ڏهائي ڇڏيو هو.

6. اسانکي فقط همان جي غصي کان يهودين جي نجات بابت ڳالهائڻ گهرجي جنهنکي، ٽوڊوسيَس جي حڪومت تائين، شراب ڪباب جي عياشي واري ڏمڙ ۽ گوڙ شور واري ماحول ۾ ملهايو ويندو هو. (بسنيج - جوئفس جي تاريخ vi,17, viii,6) .

7. ڪُوڙي جوزفس مطابق، سيئو، جيڪو ايسائُو جو پوٽو هو، ڪارتيج جي بادشاهه اينيز جي فوج کي اتلي وڌي ويو. ادومينس جي ٻي ڪالوني حضرت دائود (ع - س) جي ترار کان بچي وڃي رومُولَس وٽ وڃي پناهه ورتي. هن ۽ بين ڪيترن ئي اهڙ سببن جي ڪري، يهودين، روم جي شهنشاهت تي ايڏو جو نالو رکي ڇڏيو.

8. سيلسَس جي دليلن، جن جي اوريجن نمائندگي ٻه ڪئي هئي ته اُنهن کي رد ٻه ڪيو هو (V - صفحا 259-247) اسان کي اهو فرق واضح نظر اچي ٿو جيڪو يهودي ماڻهن ۽ عيسائين جي فرقي بابت اسان ٻڌايو هو. منيسيَس فيلڪس کي ڏسو مڪالمن ۾ (باب 5 ۽ 6) جن ۾ مجيل عبادت جي طريقن کي ڇڏي ڏيڻ بابت هڪ سئو ۽ مانائتو بيان سمايل آهي.

9. " اُنهن وٽ قرباني‌ءَ جون جڳهون، مندر ۽ چاتل سجاتل مجسما..... جو ڪو نه آهن فقط هڪ ۽ واحد الله تعالي جو پلا هنڌ ڪٽي آهي ۽ سندس اصليت ۽ سڃاڻپ پلا ڪهڙي ۽ ڪٽي آهي؟" لامذهب قانوني ماڻهو، يهودين جي حق لاءِ اهو فرق ڏيکارينڊو ويو جن وٽ ڪڏهن مندر، قرباني جون جڳهون ۽ قربان ٿيندڙ جانور وغيره هوندا هيا.

10. اهو ڏاڍو ڏکيو آهي (افلاطون ٿو فرمائي) ته سچي خدا تعالي بابت پوري ڄاڻ ملي ۽ وري اوترو ئي ڏکيو آهي ته ان کي شايع ڪجي. ڏسو (مذهبن بابت فلسفي جو فرانسيسي ترجمو، جنهن کي ٽلي لکيو آهي).

11. فلوپٽرس جو مصنف عيسائين کي لڳاتار "خواب ڏسندڙ جوشيلا" ٿو ڪوٺي ۽ اُنهن لاءِ وڌيڪ چوي ٿو ته "هُو هلڪا ۽ هوائي خلقيل آهن ۽ هوائن ۾ هلندڙ ٽرندڙ آهن وغيره." هڪ جڳهه تي هو ان نظاري جو واضح حوالو ٿو ڏئي جنهن ۾ سينٽ پال کي ٽئين بهشت جو سير ڪرايو ويو هيو. هڪ ٻي جڳهه تي ترائيفن جيڪو پاڻ هڪ عيسائي‌ءَ جو ڪردار ادا ڪري ٿو، لادينيت جي خدائن تي طنزون ڪندي، هڪ رازداري‌ءَ جو قسم ٿو کڻي:

"مونکي تمام مٿاهين خدا جو قسم آهي جيڪو لافاني، ابدي پي‌ءُ جو پُٽ، تن ۾ هڪ ۽ هڪ ۾ تي آهي-" اهو ڪرائيٽياس جو ناپاڪ جواب آهي. "تون مونکي هڪ حساب ڪتاب وارو قسم ٿو سيکارين، درحقيقت! مان سمجهي نٿو سگهان ته تون ڇا پيو چوين؟ ڇا اهو ته: "هڪ تن جي برابر آهي ۽ تي، هڪ جي مَٽ آهن!"

12. جسٽن مارٽر مطابق (دفاع نامو - (ميجر - باب 85-70) راهبَ جن پيشنگوين بابت ڪجهه اٿيورو علم سکيو هو، ڄاڻي واڻي هي‌ءَ ترڪيب سوچي هٿي جيڪا، ٻين طريقن سان ئي سهي، ماڻهن کي توڙي فيلسوفن کي عيسائي مذهب اختيار ڪرڻ کان ڏيڇاري ۽ پري هٽائي سگهي.

13. اوريجن جي پهرئين ۽ ٻي ڪتاب ۾، سيلَس اسانجي نجات ڏيارينڊڙ جي چَرَ ۽ ڪردار کي تمام ناپاڪ نفرت جو نشانو ٿو بنائي. هڪ مقرر لِبانِيَس، پورفري ۽ جُولين شهنشاهه (363 - 361ع) جي تعريف ٿو ڪري ته هن هڪ فرقي جي حماقت کي ڪوڙو ثابت ڪيو هو جنهن فلسطيني خدا جي مئل ماڻهو ۽ خدا جي پٽ بابت ڪجهه چيو هو. (سقراط - ڪليسا جي تاريخ - iii, 23)

14. شهنشاهه ٽراجن، نڪوميديا جي شهر جي بچاءَ لاءِ 150 ٻاهه وِسائيندڙ ڪمپني جي ماڻهن کي شامل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. هن سڀني سائين کي ناپسند ڪيو هو. (ڏسو پلني (تحريرون x,42,43)

15. مئجسٽريٽ پلني، غيرقانوني گڏجاڻين جي خلاف هڪ فيصلو ڏنو هو. عيسائين جي دوراندیشي‌ءَ جي گُهرجن مطابق اُنهن "پيار جو ميلو" ملتوي ڪري ڇڏيو پر هنن لاءِ اهو ناممڪن هو ته ماڻهن جي عبادت جي عمل کي روڪي ڇڏين.

16. جيئن ته حضرت عيسيٰ (ع - س) جي خلاف پيشنگوين، جيئن وڏي ٻاهه جي ويجهي اچڻ وغيره لادينين کي چيڙائي ڇڏيو جن کي هو پنهنجي مذهب ۾ آڻي نه سگهيا هيا ته اُنهن کي وڏي خيال ۽ احتياط سان ياد ڪيو تي ويو. ۽ مانٽنسٽ فرقي وارن کي هڪ خطرناڪ راز کي کلئي نموني ظاهر ڪرڻ تي سخت تنبيهه ڪئي وئي هئي. (ڏسو موشير - ص - 413).

17. پلني جا لفظ يا ته يوناني يا لاطيني ۾ ڏنل آهن جن جو انگريزي ترجمو ڇاڻايل نه آهي، تنهنڪري مجبوري آهي ته سنڌي ترجمو به نٽو لکي سگهجي. (سنڌيڪار).

18. ڏسو موشير جي تاريخ (کليسا جي تاريخ (i,101) اسپانير (جوليس سيزر بابت راءِ - ص 468 وغيره).
19. ڏسو جسٽن مارٽر کي (دفاع نامي ۾ (i,35,ii,14) اٿيناگورس (ليگيشن ۾ - باب - 27) ٽرٽولين (دفاع نامو) باب - 9،8،7) مائنوسيس فيلڪس - (باب - 31،30،10،9) هنن مان سڀني ۾ پويون ليکڪ الزام بابت شاندار نموني ۽ حالتن مطابق اسانکي معلومات ڏئي ٿو. ٽرٽولين جو جواب تمام جرئت وارو ۽ قطعي آهي.
20. ليونس کي تکليفون ڏيڻ ۾ کجهه غير يهودي غلامن کي عذابن ۽ اذيتن جا خوف خطرا ڏئي ڊيڄاريو ۽ کين مجبور کيو ويو ته هو پنهنجي عيسائي مالڪ تي تهمتون هڻن. ليونس جي کليسا، پنهنجي ايشيائي پائرن ڏي لکندي، خطرناڪ الزام بابت سخت ڪاوڙ ۽ نفرت جو اظهار ڪن ٿا. يوسيبيس (کليسا جي تاريخ V.I) .
21. ڏسو جسٽن مارٽر کي (دفاع نامو - i,35) آئرينيس هيريس (i,24) کليمينس (اليگزئندريا ۾) اسٽرومئٽ (iii,438) يوسيبيس (iv,8) اهو نفرت ۽ سخت ڪاوڙ ڏيارينڊ ٽيندو ته اُهو سڀ کجهه اُنهن سان منسوب ڪجي جيڪو بعد وارن ليککن تصور کيو آهي، جيڪو ايپيفنيس کي مليو آهي يا اُهو کجهه جيڪو ٽليمانٽ نقل کيو آهي. (ايو - ڊي بيوسوبر تاريخ مئنچزم ix,8,9) آگسٽائن ۽ پوپ ليوI - جي فضول ڳالهين کي تمام زوردار طريقي سان وائکو ڪري ڇڏيو آهي.
22. جڏهن ٽرٽولين مانٽئنسٽ بنجي ويو ته هن کليسا جي اخلاق عادتن کي بدنام کيو جن جو هن وقت تائين هو دفاع ڪندو آيو هو. "پر پيار جي دعوت وڌيڪ مشهور آهي جو ته اُتي توهان جا مست نوجوانَ پنهنجين پيٽين سان گڏ سُمهن ٿا جتي هو ڏوَ تي ڪائڻ پيئڻ تورڙي جنسي ميلاپ جا مزا حد کان وڌيڪ ماڻن ٿا." (باب - 17) اليبيرس جي ڪائونسل جو پنجٽيهون کليسائي قانون بدنامي۽ جي واقعن کي سختيءَ سان نندي ٿو جن گهٽو ڪري چرچ تي چوڪسي رکڻ تي عيسائي نالي کي لادينين جي نظرن ۾ گهٽو ئي بدنام کيو هو.
23. ٽرٽولين (دفاع نامو - باب - 2) پلني جي معتبري واري شاهدي تي دليلن ۽ وضاحتن سان بحث ٿو ڪري.
24. آگسٽن تاريخ جي مختلف جُلدن ۾ (جنهن جو هڪ حصو ڪانسٽئنائن جي حڪومت ۾ ۽ چپيو هو) ڇه سٽون به اهڙيون نه مليون آهن جن ۾ عيسائين جو ذڪر ڪيل هجي) نه وري ڏيفلن جي ذهانت، ڳولا ڪرڻ جي باوجود به ڊائن ڪئسيس جي تمام وڏي تاريخ ۾ سندن نالي کي ڳولڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي.
25. سوٽونيس جو هڪ اَڻ ڇپو تحرير جو ٽڪرو (ڪلاڊيس ۾، باب - 25) شايد کجهه ثبوت مهيا ڪري ٿو ته روم جا يهودي ۽ عيسائي هڪ ٻئي سان ڪيڏي نه عجيب نموني پيش ايندا هئا ۽ اُنهن جي هڪ ٻئي سان هلت چلت وارا روَيا به مونجهارن جو شڪار رهيا.
26. ڏسو "حوارين جا ڪر" جو ارڙهون ۽ پنجويهون باب، جنهن ۾ گٹليو آڪائيا جي مئجسٽريٽ ۽ فيسٽس - جوڊيا جي گورنر جي روَين بابت ذڪر ڪيل آهي.
27. ٽرٽولين ۽ اليگزئندريا جي کليمينس جي وقت ۾، شهادت جو رتبو فقط سينٽ پيٽر، سينٽ پال ۽ سينٽ جيمس لاءِ مخصوص هوندو هو، ان کانپوءِ اهو آهستي آهستي يونانين جي هاٿوڪن وقتن ۾ ٻين حوارين تي به عطا ٿيندو

رهيو جن دوراندیشي کندي روم جي شهنشاهت کان پرانهان هنڌ پنهنجي اذيتن ۽ تبليغ لاءِ چونڊيا هيا. ڏسو موشير کي (ص - 81) ۽ ٽليمانٽ (کليسا جون يادون i,iii).

* (ٽئسيٽَس).

28. ٽئسيٽَس (تاريخوار واقعا XV,38-44) سوٽونيَس (نيرو ۾ - باب - 38) ڊائن کسيَس Ixii,1014) اوروسيَس (vii,7).

29. ڪڪ جي قيمت (شايد موڊيَس واري، جيڪو روم ۾ اَنَ جو هڪ معياري ماپو آهي) ايتري گهٽ ٿي وئي جو اُها ٽن سيسٽرسِس تائين وڃي پهتي جيڪو انگريزي سڪي جي چوٿين حصي جا ۽ اندازي موجب پندرهن شلنگ وڃي ٿيندا.

30. اسانجي مشاهدي موجب، ٽئسيٽَس جنهن انواهه جو ذڪر ڪجهه هيڪَ ۽ بييقينيءَ مان ڪري ٿو ته ان کي ٿي تڪڙ مان سوٽونيَس بيان ڪري ٿو چڏي ۽ ڊائن وري ان جي بنادير تصديق ٿو ڪري چڏي.

31. يهودين طرفان تاريخ جي غلطي کي وائکو ڪرڻ لاءِ هيءَ اڪيلي شاهدي ئي ڪافي آهي جيڪي حضرت عيسيٰ (ع-س) جي جهر کي پوري هڪ صدي اڳ ۾ ٿا ٻڌائن. (بسنيج، جوئنس جي تاريخ v,14,15) اسان کي جوزفس کان معلوم ڪرڻ ٿي (قديمي نسخا xviii) خبر پوي ٿي ته پائليٽ جي گورنري ٽائبيريس جي دؤر جي آخري ڏهن سالن سان پيڇي اچي ٿي (37 - 27ع) جيتري قدر حضرت عيسيٰ (ع - س) جي موت جو سوال آهي ته هڪ صاف ۽ مشهور ڏند ڪٿا يا روايتي ڳالهه موجب اُها تاريخ 25 مارچ 29 آهي جيڪا مئجسٽريٽن جي نظرداريءَ ۾ (ٽرٽولين، جوڊياس ۾، باب - 8) طئي ٿي هئي. هيءَ تاريخ، جيڪا پاگي وارن ۽ پادري نورِس ۽ لي ڪلرڪ پڻ اختيار ڪئي هئي زياده صحيح لڳي ٿي جيڪا وحشي دؤر سان ملي ٿي جيڪو چار سال پوءِ جو آهي. (بهرحال اِهي اندازا ڪٿان لڳايا ويا، اُنهن جي ڪابه خبر ڪانهي).

32. "اوڊيو هيومني جينرِس ڪنوِڪٽي." هي الفاظ يا ته انسانذات جي عيسائين خلاف نفرت جو اظهار ڪن ٿا يا وري انهن ۾ عيسائين جي، انسانذات خلاف نفرت لڪل آهي. مون، بهرحال پوئين مطلب کي ترجيحَ ڏني آهي جيڪا ٽئسيٽس جي بيانيه انداز سان ملي به ٿي ته ساڳي وقت ان غلطيءَ سان به پيڇي اچي ٿي ۽ جنهن لاءِ حضرت عيسيٰ (ع - س) جي تعليم جو اصول (ڏسو ليوڪ XIV,26) شايد مناسب ۽ معصوم موقعو هيو. منهنجي معنيٰ ۽ مفهوم جي تصديق ڪيترن ئي سَنڊن ذريعي ٿئي ٿي، جيئن لپسيَس، اٽلي، فرانسيسي ۽ انگريزي جي مترجمن، جن ٽئسيٽَس، موشير، لي ڪلرڪ (کليسا جي تاريخ - ص - 427) ڊاڪٽر لارڊنر، (شاهديون i,345) ۽ گلائوسيسٽر جي پادري (قدرتي قانون - جلد , iii ص - 38) وغيره جا ترجما ڪيا آهن. پر جيئن ته لفظ "ڪنوِڪٽي" (Convicti) پوري جملي سان اطمينان بخش نموني ميلاپ نٿو ڪري ته جيمس گرونويَس، ان لفظ جي پڙهڻي کي بدلائي "ڪنيونڪٽي" (Coniuncti) ڪري چڏيو آهي جنهن جي پٺيرائي فلورينس جي مستند مسودي پڻ ڪري چڏي آهي.

33. ٽئسيٽَس (تاريخوار واقعا - XV 44).

34. ناردِيني (قديم روم - ص - 487) ڊونئٽَس (قديمي روم - iii, 449).

35. نيرو ۽ سوٽونيس (باب - 16) "مئليفيڪا" (نقصانڪار) جو لقب جنهن کي ڪجهه سياڻن ۽ دوراندیش تبصري نگارن جي ترجمي مطابق "جادوگري وارو" (Magical) ٿو ٿئي جيڪو موشير جي دليلن مطابق ٽئسيٽس جي (Exitia Gilis) (خطرناڪ) سان وڃي ٿي پيچي.

36. حضرت عيسيٰ (ع - س) بابت هڪ تحرير، جيڪا اوريجن ۽ يوسيبيس جي وقت ۾ جوزفس جي متن ۾ شامل ڪئي وئي هئي، اُها اسانجي لاءِ واهيات جعلسازيءَ جو مثال نه ٿيندي. پيشنگوين جو پورو ٿيڻ، نيڪيون ۽ اخلاق، معجزا ۽ حضرت عيسيٰ (ع - س) جو ٻيهر دنيا ۾ اچڻ صاف طرح بيان ٿيل آهن. جوزفس اها ڳالهه مڃي ٿو ته هو هڪ مسيحا هيو پر ان نقطي ۾ مُنجهي ٿو پوي ته ڇا هو هنڪي هڪ انسان ڪوئي سگهي ٿو. جيڪڏهن ان تحرير جي باري ۾ اڄا به ڪو شڪ باقي رهي ٿو ته پوءِ پڙهندڙ کي اُهي اعتراض ڏسڻ گهرجن جيڪي لي فيور (هئوَر ڪئمپ - جوزفس - 73 - 267 ,ii) ۾ وڏي محنت سان تيار ڪيا هيا جوابَ، جيڪي ڊائبز (صفحا 232 - 187) ڏنا هيا ۽ ٻيو به ڪمال جو جواب (قدير آتر ڪٽا جديد سان گڏ - 288 - 287 ,vii) جيڪو هڪ نامعلوم نقاد ڏنو هو ۽ جيڪو منهنجي خيال ۾ ابي - ڊي لانگرو جو هو، پڙهڻ وٽان آهي.

37. ڏسو ٽئسيٽس جون زندگيون جنهن کي لپسيَس ۽ ابي - ڊي لابليٽري لاطيني زبان ۾ تحرير ڪيو هو (ii, 386) ۽ جنهن کي ارنيست ايدٽ ڪيو هو.

38. "مون نروا ۽ تراجن جي حڪومت جي دؤرن کي، جيڪي تمام سٺو ۽ اعتماد وارو مواد فراهم ڪن ٿا، في الحال پاسيرو رکي ڇڏيو آهي ته جيئن پنهنجي پوڙهائپ ۾ ڪجهه سُک جو ساهه پٽي سگهان.۽ ٽئسيٽس - تاريخ i .

39. ڏسو ٽئسيٽس، تاريخوار واقعا (ii,61 ,4) .

40. راندیگر جو نالو الينيورَس هيو. ساڳئي ذريعي سان جوزفس (ڏسو ڊي وٽاسوا - 3) انڪل ٻه سال اڳ ۾ يهودي پادرين کان دفاع نامو داخل ڪرائي کين آزاد ڪري ڇڏيو هو، جيڪي روم جي قيد ۾ بند هيا.

41. هڪ وڏي ڇاٽو ڊاڪٽر لارڊنر (يهودين ۽ لادينن بابت شاهديون - ii,102,103) ثابت ڪيو آهي ته ڪئليليَنس جو نالو تمام قديمي هو ۽ شايد اهو عيسائين جو اوائلي لقب هو.

42. جوزفس (قديمي دستاويزن ۾ xviii, 1&2) ٽليمانٽ. جوڊاز جا پُٽ، ڪلاڊيَس جي وقت ۾ صليب‌تي چاڙهي ماريا ويا هيا. سندن پوٽي اِليزار، جيروسلم جي قبضي ڪانپوءِ، هڪ مضبوط قلعي جو دفاع ڪيو (مسادا) جنهن ۾ 960 سر قربان ڪرڻ وارا ساٿي ساٿس گڏ هيا. جڏهن لوهن ڏنڊن سان درَن ديوارن کي ٽوڙيو ويو ته هنن پنهنجون تراريون پنهنجين زالن، پنهنجن ٻارن ۽ آخرڪار پنهنجن سينن تي وهائي ڪڍيون. اهڙي طرح هو پنهنجي آخري ماٺهوءَ تائين پاڻ ئي مري ختم ٿي ويا.

43. ڏسو ڊاڊويل (پاسيٽٽ مارٽ - ڪتاب - viii) گروٽر ۾ اسپيني زبان ۾ نائون نمبر نقش (ص - 238) هڪ مجيل ۽ ظاهر ظهور جعلسازي جو ڪم آهي، جنهن جي رِڻَ بدنام مڪارَ، اَنڪونا جي سائرئيڪس فقط هن سبب ناهي هئي ته جيئن اسپين وارن جي وڏائي ۽ اُنهن جي ڪمزورين جي خوشامد ڪري سگهي. (ڏسو فريراز ڪي، اسپين جي تاريخ ۾ i, 192) .

44. 19 ڊسمبر، 69ع تي ڪيپيٽول ڪي، وٽيليَس ۽ وسپاسيان جي وچ ۾ لڳل خانہ جنگيءَ ۾ ساڙيو ويو هو. 10 آگسٽ، 70ع تي جيروسلم جي مندر ڪي روم وارن تہ پر يهودين پنهنجن هٿن سان پاڻ تباهہ ڪيو هو.

45. ڪئپيٽول ڊوميٽين طرفان نئين سِر اڏيو ويو هو. (سوٽونيَس، ڊوميٽين ۾، باب - 5) پلوٽارچ (پاپليڪولا ۾ i,230 جنهن کي براين ايڊٽ ڪيو) ان تي سونو پاڻي چاڙهڻ لاءِ 12,000 ٽئلينٽس (اڀائي ملين کان بہ اڃا مٿي) خرچ ٿيا. مارشل جو خيال هو (ix,3) تہ جيڪڏهن شهنشاهہ پنهنجن قرضن کي پڌرو ڪري ها تہ جو پيٽ خود پي توڙي جو هن اولمپَس کي نيلام بہ ڪيو هو، پي ان قابل نہ هجي ها تہ هڪ پائونڊ جي پٽيان ۾ شلنگ بہ ادا ڪري سگهي ها.

46. جيتريقدر ڏنَ ڏيڻ جو سوال آهي تہ ڏسو ڊائن ڪئسيَس کي (Ixvi, 1082) ريمارو جي حاشين سان گڏ، اسپانيہ جو بہ مطالعو ڪجي ۽ بسنيج کي جوئفس جي تاريخ ۾ ڏسجي. (vii 2) .

47. سوٽونيَس (ڊوميٽين ۾، ص - 12) هڪ 90 ورهين جي پوڙهي ماڻهوءَ جو، گورنر جي عدالت طرفان معائنو ٿيندي ڏٺو هو. مارشل هن کي اهڙو مرداڻو نسل پيدا ڪرڻ وارو عضوو تو کوڻي جنهن تي بہ ٽڪس لڳي ٿو.

48. هي لقب شروع ۾ تہ دستوري معنيٰ مطابق سمجهيو ويو، ۽ اهو فرض ڪيو ويو تہ حضرت عيسيٰ (ع - س) جا پائر يوسف ۽ بيبي مريم (Joseph and Mary) جو جائز اولاد هيا. بيبي مريم لاءِ عقيدت واري احترام، دليل بازن توڙي بعد ۾ ڪٽر يونانين جي ذهن ۾ اها ڳالهہ وڌي تہ اُهي يوسف لاءِ هي زال منسوب ڪري ڇڏين. لاطينين (جيروم جي وقت کان وٺي) ان اشاري تي وڌيڪ ڪر ڪيو ۽ يوسف لاءِ ٻڌايائون تہ اُهو هميشہ ڪنوارو رهيو هو ۽ ڪيترن ئي مثالن ذريعي واضح ڪيائون ۽ اها ڳالهہ جائز سمجهيائون تہ جن کي حضرت عيسيٰ (ع - س) جو ڀاءُ سمجهيو ٿي ويو اُهي درحقيقت سندس پهريان سئوٽ آهن. ڏسو ٽليمانٽ کي (ڪليسا جي يادگيرين ۾ i,iii) ساڳي وقت بيوسوبر جو بہ مطالبو ڪجي. (تنقيد جي تاريخ ۾ ii,2) .

49. هر هڪ سؤ فوٽ جا اُٽيتاليہ اسکوائر، جن جو جيڪڏهن پورو حساب لڳايو وڃي تہ مشڪل سان نوَ ايڪڙ ٿيندا. پر حالت جي تقاضا موجب، هين يوناني ليکڪن جو معمول ۽ ايہ - ڊي وٽلوئس جي سَنڊ مونکي ان ڳالهہ ۾ اعتبار ڏياريو تہ neopov جي نشاني رومي ايڪڙن جي سجاٽ لاءِ استعمال ٿيندي آهي.

50. يوسيبيَس (iii, 20) هيءَ ڪهاڻي هيگيسيپس منجهان ورتي وٺي آهي.

51. ڏسو سئيبينَس جو موت ۽ سندس ڪردار جيڪو ٽئسيٽَس بيان ڪيو آهي (تاريخ - 74, 75 ,iii) سئبينَس وڏو پاءُ هو ۽ وسپاسيان جي جانشينيءَ تائين فلئوين جي خاندان جو ڪيس وڏي ۾ وڏو حمايتي تصور ڪيو ويندو هو.

52. "فلئويَس ڪليمينس، سندن پنهنجوئي سئوٽ - هڪ نفرت جهڙي ڪاهليءَ وارو ماڻهو - هُن (ڊوميٽين) کيس تمام معمولي شڪ تي ماري ڇڏيو."

53. پاند اٽريا جو بيٽ، ڊائن موجب (اَپد يوسيبيَس iii, 18) - برٽيَس پرٽرنَس کيس پونٽيا ۾ ملڪ نيڪالي ڏئي ٿو ڇڏي، جيڪو بي کان تمام گهٽو پري نہ هيو. اهو تفاوت ۽ هڪ غلطي جيڪا يا تہ يوسيبيَس کان ٿي يا ان کي نقل ڪندڙ کان، جن مطابق بن ڊوميٽيلاز جو وجود آهي، هڪ سندس زال، بي ڪليمينس جي پائٽي. ڏسو ٽليمانٽ کي (ڪليسا جي يادگيرين ۾ ii,224) .

54. ڊائن (Ixvii, 1112) جيڪڏهن برٽيس پرئرنس جنهن کان اهو ممڪن آهي ته ڪيس هي تفصيل مليو، اُهو پلني جو مراسلا نگار هو (تحريرون -vii, 3) ته پوءِ اسان ڪيس همعصر ليکڪ سمجهون ٿا.

55. سوٽونيس (ڊوميٽين ۾ - باب - 17) فلوسٽرئٽس (وِٽ، اپولون ۾، ڪتاب - vii)

56. ڊائن (Ixvii) صفحو 1118، پلني (تحريرون iv, 22)

57. پلني (تحريرون - 97 - x) ڏاهي موشير پاڻ لکيو آهي (صفحا 232 - 147) ته پلني هڪ معتدل مزاج، صاف ۽ سچو ليکڪ هو. هن سندس بيحد تعريف ڪئي آهي. ڊاڪٽر لارڊنر جي شڪن جي باوجود، (ڏسو يهودين ۽ لادينن جون شاهديون (ii, 46) مونکي ته سندس هوليءَ ۾ ڪو به ڪٽرپڻو يا تعصب جا اهڃاڻ نٿا نظر اچن.

58. پلني (تحريرون - V, 8) هن پنهنجو پهريون مؤقف سن 81ع ۾ بيان ڪيو - هي اُهو سال هو جنهن ۾ جبل ويسووِيَس ڦاٽو هو ۽ وڏا ڏماڪا ٿيا هيا جنهن ۾ سندس چاچو مري ويو هو.

59. پلني (تحريرون - 98 - x) ٽرٽولين (دفاع نامو - باب - 5) هن تحرير کي "قديمي سزائن جي قانونن جي ڊِلائي ڪوئين ٿا جن کي تراجن حصن ۾ ختر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي،" پر پوءِ به ٽرٽوليَن پنهنجي ٻي دفاع نامي ۾ غير مستقل مزاجيءَ جي اهڃاڻن کي وائکو ڪري ٿو جن مطابق وڌيڪ تحقيق ڪرڻ لاءِ منع ڪئي وئي هئي ۽ سزائون پڻ تجويز ڪيون ويون هيون.

60. يوسيبيَس (ڪليسا جي تاريخ - 9 ,iv) هئڊرئن جي اصول کي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. هن ساڳي وقت (باب - 13) اسانتي هڪ ٻي مهرباني ائنٽونينَس جي نالي ۾ ڪئي آهي جنهن جي سنڊ لاءِ آفاقي سطح تي اجازت به نه آهي. جسٽن جي ٻي دفاع نامي ۾ ڪجهه عجيب و غريب انڪشاف ڪيا ويا آهن جيڪي عيسائين تي مڙهيل الزامن جي باري ۾ آهن.

61. ڏسو ٽرٽولين کي (دفاع نامي ۾ - باب - 40) پالي ڪارپ جي شهادت جا ڪرَ. هُل هنگامن بابت هڪ دلچسپ ڪهاڻي کي جنم ڏين ٿا. هن قسر جا هنگاما ۽ فساد يهودين جي نفاق ۽ ڪدورتن سبب پيدا ٿيا هيا.

62. هي قانون ۽ قاعدا، مٿي بيان ڪيل هئڊرئن جي اصولن ۾ ڏنل ۽ واضح ڪيل آهن. (ڏسو ميليٽو جو دفاع نامو (اَپڊيُوسيبيَس - iv, 26) .

63. ڏسو تراجن جي تحرير کي ۽ ان سان گڏ شهيدن جي باري ۾ پلني جو روَيو. جيڪي وڌيڪ مستند ڳالهيون آهن اُهي هِنن نصيحتن ۽ هدايتن ۾ پوريءَ طرح سمايل آهن.

64. خاص طرح ڏسو ٽرٽولين کي (دفاع نامي ۾، باب - 223) ۽ ان سان گڏ لئڪٽنٽيَس کي ڏسو (خدائي اداري ۾ v,9) سندن دليل ذري گهٽ ساڳيا آهن پر اسان کي پوءِ به خبر پوي ٿي ته هنن دفاع ڪرڻ وارن منجهان هڪڙو قانوندان ۽ ٻيو تقرير جو ماهر هيو.

65. هن قسر جي ڏاڍَ ۽ تشدد جا به مثال ڏسو (شهادت جي سچن ڪارنامن ۾ جنهن کي رُٽنارٽ چپيو آهي - صفحا 160 ۽ 399) جيروم، درويش پال بابت ڏندڪٿا ۾ هڪ نوجوان بابت عجيب ڪهاڻي ٻڌائي ٿو جنهن کي زنجيرن ۾ ٻڌي، اگهاڙو ڪري ڪُلن جي هڪ بستري تي سمهاريو ويو هو ۽ هڪ خوبصورت ۽ واهيات رنديءَ هن سان پنهنجي

مرضيءَ مطابق جنسي ميلاپ جا ڪرتب ڏيکاريا. هن پنهنجي اندر جي اُپرندڙ جذبن کي، پنهنجي زبان کي چڪ پائي خاموش ڪرايو.

66. سندس زال جي مذهب متائڻ تي، ڪلاڊيَس هرمينئيَس جيڪو ڪپاڊوشيا جو گورنر هو، کي سخت ڪاوڙ آئي جنهن عيسائين سان پوءِ تمام سخت روَيو اختيار ڪيو. (ٽرٽولين - ائڊ اسڪئپيولر - باب - 8).

67. ٽرٽولين آفريڪا جي گورنر کي هڪ خط لکيو جنهن ۾ هن کيس انتظامي نرمي ۽ برداشت ڪرڻ جي ڪيترن مثالن طرف سندس توجه ڇڪرايو جن بابت کيس ڄاڻ هئي.

68. "جيڪي خاص قسر جا ۽ معمول جا ڏوهه آهن اُنهن جي تشريح قانون جي نقطن کان مٿي ۽ جُداري نه ڪئي وڃي." ٽراجن طرفان چيل ان جملي صوبن جي گورنر جي انتظامي معاملن ۾ آسانيون پيدا ڪري ڇڏيون.

69. "اسانکي ڪاٿين ۾ ڪر ڪرڻ جي سزا ڏني وئي آهي ۽ اسانکي ملڪ مان نيڪالي ڏئي ٻيٽن تي موڪليو ويو آهي." نيوميديا جي ڪاٿين ۾ نوَ پادري ۽ اوترو ئي تعداد مذهبي پاپائن ۽ ٻين ماڻهن جو به هيو جن لاءِ سائپرين سندن تعريف ۾ سڀا جملا چيا هيا جن کين سکون ۽ اطمينان پهچايو هو. (ڏسو سائپرين - تحريرون ۽ خط 76 & 77) * (نندیو ويو).

70. توڙي جو اسانکي يقين نه آهي ته اُهي خط ۽ تحريرون يا اِگنئيَس جي ڪارنامن جا احوال اسانکي ملي سگهندا (جن کي حواري بزرگن جي ٻي جُلد ۾ ڏسي سگهجي ٿو) پوءِ به اسان ان ڳالهه کي پڏرو ڪريون ٿا ته اٺنٽڪ جو پادري اُنهن شهيدن منجهان هيو جن کي مثالي ۽ نامياريا ڪوٽيو ويو آهي. کيس زنجيرن ۾ جڪڙي روم موڪليو ويو هو ته پلي ماڻهو سندس حالت جو تماشو ڏسن. ۽ جڏهن هو ٽُئاس ۾ پهتو ته کيس خوشيءَ جي خبر ملي ته اذيتن جو منظر ته اڳ ۾ ئي پڃاڻيءَ تي پهچي چڪو هو.

71. ليونس جي شهيدن ۾ (يوسيبيَس- V,I) غلار بلشنديا کي٠هين جي مقابلي ۾ ڪجهه وڌيڪ اذيتون پهچايون ويون هيون. پنجن شهيدن منجهان، فيليسيٽَس ۽ پر پيچٹا جي ڪمن مطابق جيڪي زياده نمايان هيا، اُنهن مان به غلار ۽ به بيا نيچ حيثيت جا ماڻهو هيا.

72. اوريجن (ائڊورس سيلسم - iii,116) سندس لفظ نقل ڪرڻ جهڙا آهن: "مناسب موقعن تي، ڪجهه ماڻهو جيڪي تمام ٿورڙا هيا، انڪري ماريا ويا جو انهن جو تعلق عيسائي مذهب سان هيو."

73. جيڪڏهن اسان چگيءَ طرح ياد ڪريون ته روم جا سڀ جاهل ۽ عام ماڻهو عيسائي نه هيا ۽ اهڙيءَ طرح سڀئي عيسائي درويش ۽ شهيد به نه هيا، اسان مذهبي احترام جو اندازو پوري تسليءَ سان هڏن ۽ خاڪ جي ڪُوندين مان ڪيئن لڳائيندا سين جن کي مُقامن ۽ قبرستانن مان ڪنيون ويو هجي. هڪ آزاد ۽ ڪُليل واپار وهنوار جي ڏهن صدين ڪانپوءِ، پڙهيل لکيل ڪٽولڪ عيسائين ۾ شڪَ ۽ گمان پيدا ٿي پيا آهن. اُنهن کي هاڻي تقدس ۽ شهادت جا ثبوت گهرجن ٿا. B.M جا اکر يا نشانيون، ڳاڙهي شراب جي شيشي يعني جيڪو رَت هوندو يا وري ڪجيءَ جهڙي وڏ جيان ڪا صورت. پر پهرين هن نشانين جي ڪا اهميت ڪانهي، باقي جيڪا آخري آهي ان لاءِ نقادن جو مشاهدو ڪجهه هن ت آهي: (1) ته ڪجيءَ جهڙي وڏ جي نشاني جيئن ان کي ڪوٽيو وڃي ته اُهو شايد سرو يا شمشاد جو وڻ آهي يا

هڪ جڳهه تي بيهارڻ جي نشاني آهي جيئن ڪاما جيڪو يادگار نقشن ۾ استعمال ٿيندو آهي. (2) ته ڪجهه جهڙو وڻ لادينن وٽ سوپ جي نشاني طور استعمال ٿيندو هو. (3) ته عيسائين ۾ اهو شهادت جي لاءِ نه پر دنيا ٻيهر پيدا ٿيڻ جي خوشيءَ جي نشاني طور استعمال ٿيندو هو. هن سلسلي ۾ ڏسو پي. مئبيلين جي تحرير جيڪا اڃ ڇاتل بزرگن جي عبادت متعلق آهي ۽ ميورا توريءَ جو مقابلو به مطالعي هيٺ آڻجي. (Iviii) .

74. ڏند ڪٿائن جي مثال طور اسان شايد اهو ٻڌي مطمئن ٿي وڃون ته هڪڙي ٿي ڏينهن ۾ 10,000 عيسائي سپاهين کي، اَرارت جبل تي، تراجن يا هئبرئن طرفان قاهيءَ تي چاڙهي ماريو ويو. ڏسو برُونيَس کي (روم جون شهادتون ۾) ٽليمانٽ کي (ڪليسائي يادن ۾- ii,ii,438) ۽ گيبيز جي (مختلف موضوعن ۾ MIL (ii, 203 ڇا جو مخفف آهي، ان مان يا ته سپاهين يا هزارن جو مطلب نڪري سگهي ٿو. پر ان ۾ ڇيو وڃي ٿو ته وڏين وڏين غلطين جو امڪان موجود آهي.

75. ڊائنوسيَس، يوسيبيَس (vi,41) سترهن منجهان هڪڙي تي ڦُرلٽ ڪرڻ جو الزام لڳو هو.

76. سائپرين جا خطَ، انسان توڙي ان دوُر جي اصلي ۽ هوبهو تصوير اسانجي اکين آڏو پيش ڪن ٿا. ته هن سلسلي ۾ ساڳئي وقت سائپرين جي ٻن زندگين تي به غور ڪيو وڃي جن ۾ هڪ جيتري سچائي آهي توڙي جا خيال بلڪل مختلف آهن: هڪَ، لي ڪلرڪ طرفان (آناقي لائبرريون - 378-208 ,xii) ٻي ٽليمانٽ طرفان تحفو (ڪليسائي يادگيريون 959-76 ,iv,i) .

77. ڏسو روم جي هڪ مذهبي ماٿهوءَ جي نفاست واري سخت قسم جي تحرير جيڪا هن ڪارٿيج جي پادري ڏانهن لکي هئي. (سائپرين - تحريرون - 8،9) پونٽيَس وڏي خيال ۽ احتياط سان محنت ڪري ٿو ته جيئن عام مذمت جي فضا جي خلاف پنهنجي مالڪ کي جائز ۽ حق تي سمجهڻ ۾ مدد ڪري.

78. خاص طرح سان اليگزئندريا جو ڊائنوسيَس ۽ نيو سزئيريا جو گريگري ٿاما ترگَس. پوءِ به يوسيبيَس جو مطالبو ضرور ڪجي. (ڪليسائي تاريخ ۾ - 40 vi) ۽ ٽليمانٽ جون يادگيريون (iv,ii,685).

79. ڏسو سائپرين کي (تحريرون - 16) ۽ سندس زندگي، (پونٽيَس).

80. اسان وٽ سائپرين جي اصل زندگيءَ بابت راهب پونٽيَس جو مواد موجود آهي جيڪو سندس ملڪ بَدريءَ جو ساڻي هو ۽ سندس موت جو اکين ڏٺو شاهد هو: ۽ اهڙيءَ طرح اسان وٽ قديمي مئجسٽريٽن طرفان شهادت جا واقعا موجود آهن. هي به تعلق پاڻ ۾ مشابهت به رکن ٿا ته ٽيڻ جهڙا پڻ آهن ۽ انهن ۾ جيڪا ڳالهه نمايان آهي ته اُهي ٻئي بي داغ آهن جنهن ۾ ڪنهن به معجزاتي ڳالهه جي ضرورت نه آهي.

81. ڏسجي ائين پيو ته جڏهن به حڪر ناما جاري ٿيندا هيا ته اُهي ساڳئي وقت تي سڀني گورنرن ڏانهن هر طرف موڪليا ويندا هيا. ڊائنوسيَس (يوسيبيَس vii,II) اليگزئندريا کان پنهنجي ملڪ بدريءَ جو ساڳئي نمونو ذڪر ڪري ٿو. پر جيئن ته هُو پڇي ويو ۽ اڏيتن کان پڇي ويو ته اسان ڪيس سائپرين جي مقابلي ۾ زياده يا گهٽ خوش قسمت سمجهون ٿا.

82. ڏسو پلني کي (فطري تاريخ ۾ (3-v سلئريس جو مطالعو ڪجي (قديم جاگرافي - iii,96) شا جو سفر (ص - 90) ۽ پرواري ملڪ جيڪو ڪيپ بونا کان، يا عطارد سياري جي زمين طرف واڌ سبب، جدا ٿئي ٿو. هڪ پاٽي جي نظام

جو يادگار ڪيوروِس يا ڪرِس جي نزديڪ ايجا تائين موجود آهي جنهن کي موجوده وقت ۾ ڪُرِس ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر شا هڪ نقش کي پڙهيو جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اُهو شهر نہ پر هڪ ڪالوني هئي، راهب پونٽيَس (وِٽ - سائپرين - باب - 12) انکي هينئن ٿو ڪوئي "هڪڙي اهڙي خوشگوار جڳهہ جتي سج جا ڪرڻا بہ آهن، ۽ آرام ۽ ٺَڪَ ڀيڻ جي بهترين مخفي پناهہ گاهہ بہ آهي ۽ بهشت جي اڳواڻ ئي جڏ هڪ جڳهہ آهي جتي جڏ الله تعالیٰ عدالت جي ڪرسيءَ تي ويٺل آهي."

83. ڏسو سائپرين (تحريرون - 77 - جنهن کي فيل ايڊٽ ڪيو).

84. پنهنجي مذهب منڻائڻ کانپوءِ، هُن اُهي باغ وڪڻي ڇڏيا تہ جيئن غريبن جي مدد ڪري سگهي. الله تعالیٰ جي مهربانيءَ (گهٽو ڪري سندس عيسائي دوست جي فراخ دليءَ سبب) سان اُهي سائپرين طرف واپس ويا. (ڏسو پونٽيَس باب - 15).

85. جڏهن سائپرين کي فقط ٻارهن مهينا اڳ، ملڪ نيڪالي ڏني وئي تہ هن خواب لڏو تہ ڪيس ٻي ڏينهن تي ماربو ويندو. هن واقعي جي ڪري اهو سمجهائڻ ضروري ٿي پيو تہ اهو لفظ سال جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي. (پونٽيَس - باب - 12).

86. پونٽيَس (باب - 15) مجي ٿو تہ سائپرين جنهن سان گڏجي هن رات جي ماني کاڌي هئي، رات هڪ خوشگوار حفاظت ۾ گذاري هئي. پادري پنهنجي طرفان سار سنيال لهڻ جو پورو انتظام رکيو هو ۽ هدايت جاري ڪئي هيائين تہ نندين ڇوڪرين ڳهڻين مان هڪائي ڪنهن سلامتيءَ واري جڳهہ تي رکين وڃن جيئن هر خطري ۽ خاص طرح راتين جي رولاڪن کان محفوظ رهن.

87. ڏسو قانونن بابت اصلي فيصلو (باب - 4) ۽ پونٽيَس ۾ پڻ ڏسو (باب - 17) پويون ان کي وڏي اثرائتي نموني سان بيان ٿو ڪري.

88. پونٽيَس (باب - 19) ايم - ڊي ٽليمانٽ (يادگيريون - iv,i,450) ڪليسا جي پهرين شهيدن جي نالن کي خارج ڪرڻ تي خوش نہ آهي.

89. تامس بيڪيٽ جي ڪردار ۽ سندس اصولن جي باري ۾ اسانجو جيڪو بہ نظريو هجي، پر اسان کي اهو بهرحال مڃڻ گهرجي تہ هن کي موت جي سزا فقط انڪري ملي تہ هو پنهنجي عقيدي ۾ ثابت قدم هو جيڪا ڳالهہ اوائلي شهيدن لاءِ فخر جو باعث هوندي هئي. ڏسو لارڊ لٽلسٽن جي هينري II جي تاريخ (ii, 592 وغيره).

90. خاص طرح سائپرين جي مضمون کي ڏسو (98 - 87) جنهن کي فيل ايڊٽ ڪيو آهي. ڊاڊويل جو علم (مقابلو- xii,xiii) ۽ مڊلٽن جي ڏهانت (آزاد جاچ ص - 162 وغيره) شهيدن جي لياقت، سندن اعزازن ۽ مقصدن بابت پنڌتي کابہ اهڙي شئي نہ ڇڏي آهي جنهن جي هتي کابہ ڪمي محسوس ٿئي.

91. سائپرئينَس (تحريرون - 5,6,7,22&24) مصنوعي شهيدن جو تعداد ريتن ۽ روايتن ذريعي گهٽو وڌي ويو آهي جيڪو تڏهن شروع ٿيو جڏهن پنهنجو ڏوهہ مجيندڙن کي وڏا اعزاز ۽ رتبا بخشيا ويا هيا.

92. "هُنن هن شاندار مقابلي ۾ حصي وٺڻ لاءِ تمام جلدي ڪئي ۽ اهڙيءَ طرح ڪين هڪ باوقار شهادت نصيب ٿي جنهن جي هنن آرزو ڪئي هئي ۽ نہ اُها جيڪا نيچائي واري ۽ فقط شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ هجي."

93. ڏسو رومي تحريرون (باب 4 & 5) اهو پادري پيٽرسن کي موزون ٿي لڳو (ڏسو وندبيسي اگنٽيئسي - ii,9) ته اگنٽيس جي جذبن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ سيني مثالن ۽ سَندن جا حوالا ڏنا وڃن.

94. پاليوڪنس جي ڪهاڻي جنهن تي ڪارنيلي پنهنجي خوبصورت ڏکوئيندڙ ڊرامي جو بنياد رکيو آهي، تمام اهر ۽ نمايان، (تورڙي جو ايترو مستند نہ) جوش ۽ جذبن جي مثالن منجهان هڪڙو آهي. اسان جي مشاهدي موجب اِليبيرس جي ڪائونسل جو سَٺيون ڪليسائي قانون اُنهن ماڻهن کي شهادت جي رتبي عطا ڪرڻ کان منع ڪري ٿو جن خواه مخواه بتن کي تباهه ڪري پاڻ کي موت جي مُنهن ۾ وڃي وڌو.

95. ڏسو اپيڪٽيٽس (iv,7) (تورڙي جو ان ۾ ڪجهه شڪ جي گنجائش آهي ته هن جو اشارو عيسائين ڏانهن آهي يا بين ڏي) مارڪس ائنٽونينس (ڊي، روبس سُٽس - xi,3) ليوسيَن (پيريگرن ۾).

96. ٽرٽولين (اِئد اسڪيپل ۾ - باب - 5) ٿي عالم ۽ چاٽو شخص پاڻ ۾ ورهائجي ويا آهن جو ٿنهي جو ساڳيو نالو آهي جيڪي سپئي ايشيا جا سفارتي نمائندا رهيا آهن. منهنجو اشارو ائنٽونينس پيَس ڏانهن آهي جيڪو پوءِ شهنشاهه رهيو هيو ۽ جيڪو ٽراجن جي حڪومت ۾ ايشيا جو حاڪر به رهيو هو.

97. موشيم. (ڊي، روبس ڪرائيسٽ - ص - 235).

98. ڏسو اِسمرنا جي ڪليسا جون تحريرون. (يوسيبيَس - ڪليسا جي تاريخ - iv,15) .

99. جسٽن جي پي دفاع نامي ۾ هن قانوني ديڪ جي لاءِ هڪ خاص ۽ دلچسپ مثال موجود آهي. ڊيسيَس جي اذيتن ۾ جيڪا مهرباني ڪئي وئي هئي تہ اُها ساڳي عيسائي ملزمن سان به روا رکي وئي هئي. سائپرين صاف طور تي ٻڌائي ٿو تہ: "ماڻهن کي پنهنجي اڳئين عقيدي کي چڏڻ جو ڏينهن مقرر ڪيو ويو هو."

100. ٽرٽولين، اذيتن کان پري پوڻ کي هڪ نامڪمل عمل ٿو ڪوئي، نہ رڳو اهو پر هو ان کي مرتد هئڻ جو ڏوهه ٿو چوي ۽ هڪ ناپاڪ ڪوشش پڻ جيڪا رب جي رضا کان ماٺهوءَ جو مُنهن موڙي ٿي چڏي، وغيره وغيره. هُن، هِن موضوع تي هڪ تفصيلي مقالو پڻ لکيو آهي (ڏسو صفحا (536-544) جنهن کي رِگالٽ ايڊٽ ڪيو آهي، هي سڄو مقالو هڪ وحشياڻي جنون سان پريل آهي ۽ جنهن ۾ اجايون ۽ غير لاڳاپيل ڳالهيون بيان ڪيل آهن. بهرحال اها ڳالهه غور طلب آهي تہ ٽرٽولين پاڻ ڪڏهن به شهادت جو نہ تہ آرزو مند رهيو ۽ نہ وري اُها ڪيس نصيب ٿي.

101. لِبلئٽيسي (يعني اُهي عيسائي جن سرٽيفيڪٽ ڏنا) جن کي سائپرين جي تحريرن ذريعي ڄاتو ۽ سڃاتو ويو هو. اُنهن کي موشيم نهايت ئي اختصار ۽ مهارت سان پنهنجن تبصرن ۾ بيان ڪيو آهي. (ص - 489 - 485).

102. پلني (تحريرون - x,97) اليگزئندريا جو ڊائنوسيَس (يوسيبيَس - vi,41) "ملامت ڪرڻ واري جي پهريَن ڊيڄاريندڙ يا ڏڪي وارن لفظن تي، بيشمار عيسائين پنهنجي مذهب سان دوکو ڪندي فورن انکي چڏي ڏنو. ۽ نماٽائيءَ مان پنهنجي آڏ مجيائون جيڪا اذيتن جي نتيجي ۾ نہ پر سندن پنهنجي مرضيءَ مطابق هئي." سائپرٽنيَس (اوپير - ص - 89) جن پنهنجي عقيدي ۽ مذهب کي الوداع چيو هو ان ۾ ڪيترائي پادري ۽ بشپ به شامل هيا.

103. اهو هن موقعي تي هو ته سائپريَن پنهنجو مشهور مقالو "ڊيلئپِسَس" ۽ ٻيون بہ ڪيتريون ئي تحريرون لکيون. پچتائيندڙ ۽ توبهہ ڪندڙ حوارين سان سندن روين بابت اختلاف گذريل صديءَ جي عيسائين ۾ هرگز ڪونہ هو. ڇا اسان هن حقيقت کي سندن جرئت ۽ عقيدي جي عظمت سان منسوب ڪريون يا سندن تاريخ بابت اسان جي پنهنجي گهٽ معلومات کي ان جو ذميوار سمجهون؟

104. ڏسو موشير کي (ص - 97) سلپيشس سيورَس، هن حساب ڪتاب جو پهريون مصنف هيو. تورڙي جو اُهو ڏهين ۽ وڏي ۾ وڏي اذيت کي، حضرت عيسيٰ (ع - س) جي دشمن جي اچڻ تائين، پاڻ لاءِ مخصوص ڪرڻ جو تمام گهٽو خواهشمند هيو.

105. پونسٽيَس پائليٽ جي شاهديءَ کي پهريون پيرو جسٽن بيان ڪيو آهي. بعد ۾ جيڪي ان کهاڙيءَ ۾ ترميمون ڪيون ويون، (جو ته ان کي ٽرٽولين، يوسيبيَس ايپنفنيَس، ڪرسوسٽر، اوروسيَس، ٽورس جي گريگري، ۽ پائليٽ جي بيشمار چاپن جي مصنفن جي هٿن منجهان گذرڻو پيو هو) جن کي ڊام، ڪالميٽ سڀ نموني بيان ڪيو آهي (مضمون ۽ مقالا - iii,651 وغيره).

106. لشڪر جي ڪجکوڙ، جيئن ان کي عام طور تي سڏيو ويو آهي، جي معجزي تي، مسٽر مئائل جي تعريف لائق تنقيد سندس تحريرن ۾ ڏسو. (ii,81-391) .

107. ڊائن ڪئسيَس يا ان جي پوئلڳ زيفلن (Ixxii,1206) مسٽر مئائل (ص - 266) ڪموڊس جي حڪومت ۾ ڪليسا جي حالت بابت وضاحت ڪئي آهي.

108. آگسٽن تاريخ ۾، ڪئراڪالا جي زندگي جي پيٽ ان خط سان ڪجي جيڪو ٽرٽولين، اسڪاپيولا ڏي لکيو هو. ڊاڪٽر جارٽن (ڪليسائي تاريخ بابت سندس تجزيو - ii,5 وغيره) پاڪ ٽيل ذريعي سيورَس جي شفايابيءَ تي ان ڳالهہ جو خواهشمند آهي ته ان کي بہ جيڪر هو معجزي ۾ تبديل ڪري ڇڏي ها.

109. ٽرٽولين (ڊي - فيوگا - باب - 13) تحفي سڀچرنئليا جي دعوت ۾ پيش ڪيو ويو هيو ۽ ٽرٽولين ان ڳالهہ تي سخت پريشان آهي ته مذهبي ماڻهو بدنامين وارين ڳالهين ۾ بہ مُنجهي پون ۽ حڪومت سان مذهب جي معاملن ۾ بہ ساز باز ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.

110. يوسيبيَس (v,23 & 24) موشير - (صفحا (435-447)

111. "هن حڪر ڏنو ته يهودين کي سخت سزائون هرگز نہ ڏنيون وڃن، ۽ پوءِ هن ساڳيون هدايتون عيسائين جي سلسلي ۾ بہ جاري ڪري ڇڏيون." (آگسٽ جي تاريخ - ص - 70).

112. سلپيشيَس سيورَس (ii, 384) جي هن حساب ڪتاب جِي (فقط هڪ ڪانسواءِ) يوسيبيَس بہ تصديق ڪري ڇڏي آهي ته سائپرين جي تحريرن منجهان بہ ان جو يقين ڪيو ويو آهي.

113. عيسائي گرجائن جي قديمي هٿ بابت تليمانٽ ان تي بحث ڪيو آهي (ڪليسائي يادگيريون iii,ii) صفحا، (72-68) ۽ ساڳئي وقت مسٽر مئائل پڻ ان تي روشني وڌي آهي. (i, 378-398) پهريون، سڪندر سيورَس جي امن واري حڪومت ۾ ان جي پهرين تعمير جو حوالو ڏئي ٿو ۽ پويون، گئلئيسنَس جي امن جي زماني جي ڳالهہ ٿو ڪري.

114. ڈسو آگسٽن تاريخ (ص - 130) شهنشاهه سڪندر هڪ سرشتو تيار ڪيو جنهن مطابق عوامي سطح تي اُنهن جا نالا تجويز ڪيا ويا جيڪي پادري بنجڻ لاءِ اُميدوار هيا. اها به حقيقت آهي ته هن عمل جو اعزاز ساڻئي وقت يهودين ڏانهن پڻ منسوب ٿيل آهي.

115. يوسيبيَس (ڪليسائي تاريخ - vi,21) (هائرونمر (ڪليسائي مضمون - باب - 54) مٿيا ڪي عيسائين تورّي لادينن طرفان هڪ نيڪ ۽ پاڪدامن عورت سمجهيو ويندو هو. تنهنڪري اهو ناممڪن ٿو لڳي ته پهرئين طبقي طرفان ڪيس اهڙو مٿاهون اعزاز بخشيو ويو هجي.

116. ڈسو آگسٽن تاريخ (ص - 123) موشيم (ص - 465) لڳي ٿو ته سڪندر پنهنجي گهريلو يا ذاتي مذهب جي باري ۾ زياده ئي مهذب ٿي ويو آهي. حضرت عيسيٰ (ع - س) لاءِ عام مندر ٺهرائڻ جي سندس تجويز ۽ هن سلسلي ۾ جنهن اعتراض لاءِ يا ڪيس ٻڌايو ويو هو يا اها تجويز هٽبرئن ڪي ڏني وئي هئي، ان جو ٻيو ته ڪو به بنياد ڪونه هو سواءِ هڪ ناممڪن رپورٽ جي جيڪا پڻ عيسائين طرفان دوڪيبازيءَ ۾ تيار ڪئي وئي هئي جنهن تي ڦري ڪانسٽنٽائن جي دؤر جي هڪ ساده مزاج تاريخدان جهٽ ۾ ڪٽي ان تي اعتبار ڪيو هو.

117. يوسيبيَس (vi, 28) اهو سمجهيو ٿو وڃي ته عيسائين جي ڪاميابي، لادينن جي انتهاپسندي جي روَين ۾ وڌيڪ تيزي آڻي ڇڏي هئي. ڊائن ڪئسيَس جنهن پنهنجي تاريخ اڳين حڪومت جي دؤر ۾ لکي هئي، شايد اهو ارادو ڪيو هو ته پنهنجا دوراندیشيءَ وارا مشورا پنهنجي مالڪ جي لاءِ رکي ڇڏي ڇو ته اُنهن جو تعلق بهتر زماني ۽ آگسٽس جي پسنديده دؤر سان هيو. جيتري قدر مسيسَس يا ڊائن جي تقرير جو سوال آهي ته آءٌ پنهنجي غير جانبدار خيالن جو حوالو ڏيان ٿو (i,37 ۽ نوٽ 28) (باب - 2، نوٽ - 25) ۽ ساڳي وقت ابي ڊي لا بليٽري (يادگيريون - xxiv,303,xxv,432) جو به حوالو ڇاڻائي ٿو.

121. لئڪٽينٽيَس. (اذيتون - باب 3&4) ڪليسا جي واڌاري ۽ ان جي خوشين جي ملهائڻ ڪانپوءِ، چوي ٿو: "ڪيترن ئي سالن جي گذري وڃڻ ڪانپوءِ هڪ نفرت لائق ماڻهو وري سامهون ظاهر ٿيو آهي يعني ڊيسيَس جنهن چرچ کي اذيتون پهچايون."

122. يوسيبيَس (vi, 39) سائپرين (تحريرون - 55) ڪُبئينَس جي شهادت 20 جنوري 250ع ڪانپوءِ روم جو نظارو، ڪارنيليَس جي الیکشن، 4 جون، 251ع تائين خالي خالي ٿي لڳو. ڊيسيَس شايد روم ڇڏي ڇڪو هو، ڇو ته ان سال جي ختر ٿيڻ کان اڳ ئي کيس قتل ڪيو ويو هو.

123. يوسيبيَس (viii, 10) موشيم (ص - 548) چگيءَ طرح ظاهر ڪري ڏيکاريو آهي ته مُنهندار مئڪرينَس ۽ مصر جو مئگسَس هڪڙو ۽ ساڳيو ئي شخص آهي.

124. يوسيبيَس (viii,13) هڪ لاطيني زبان ۾ جاري ڪيل فيصلي جو يوناني زبان ۾ ترجمو اسان جي آڏو پيش ٿو ڪري جيڪو ڪافي مختصر ٿو لڳي. هڪ ٻي فرمان ذريعي هو حڪر ٿو ڏئي ته قبرستانَ عيسائين کي واپس ڪيا وڃن.

125. يوسيبيَس (viii,30) لئڪٽينٽيَس (ڊي - ايس - پي، باب - 6) هيرونمر (تاريخوار واقعا ۾ - ص - 177) اوروسيَس (vii باب - 23) سندن زبان ايتري ته منجهيل ۽ غلط آهي جو اسان کي ته اها ڳالهه سمجهه ۾ ئي نٿي

اچي ٿو آريلين پنهنجي قتل کان اڳ پنهنجن ارادن جو ٿمر ڪيئن ڏسي سگهيو هوندو. ڪيترائي جديد ليکڪ (سواءِ ڊاڊويل - (مقالا) سائپرين (xi, 64) هن موقعي جو فائدو ونڊي، ڪجهه وڌيڪ شهيدن جي تلاش ۾ سرگرم ٿي ويا آهن.

126. پال، ڊيوسينٽريس جي خطاب ملڻ تي وڌيڪ خوش هيو ڇاڪاڻ ته جي جو ڪيس پادريءَ جو لقب ڏنو وڃي ها. ڊيوسينٽريس هڪ شاهي مختيار ڪار يا سنهالينڊ هوندو هو جنهن جو پگهار ۾ سؤ سيٽرٽيا يا سالياني 1600 پائونڊ هوندو هو. (ڏسو سلماسيس کي آگسٽ جي تاريخ ۾ - ص - 124) ڪجهه نقادن جو خيال آهي ته اٽنٽڪ جي پادري اهو رتبو زينب کان حاصل ڪيو هو، جڏهن ته ٻين رڳو سڪٽي شان ۽ بي ادبي واري وڏائي ڏيکاريڻ لاءِ اهو عهدو اختيار ڪيو هو.

127. سمني (ڪليسائي عهدن جو وڪرو) کان ماٺهو ان وقت اڻ واقف نه هيا ۽ مذهبي ماٺهن ڪڏهن ته اُهو ڪجهه خريد ٿي ڪيو جيڪو هنن وڪڻڻ ٿي چاهيو. بظاهر ائين ٿو لڳي ته ڪارٿيج جي بشپ وارو عهدو هڪ وڏي مالدار بيوه ليوسيلا پنهنجي نوڪر ميجورينس لاءِ خريد ڪيو هو. انجي قيمت 400 فولس هئي. هر فالس ۾ چانديءَ جا 125 ٽڪرا هيا ۽ سڄي رقم جو حساب اندازي موجب 2400 پائونڊن جي برابر وڃي ٿيندو.

128. جيڪڏهن اسان پال جي براين جي گهٽ ڪرڻ جا خواهشمند هجون، ته پوءِ اسان کي اوپر جي خطن جي پادرين جي ميڙ تي شڪ ڪرڻو پوندو جن سندس خلاف زهريلو الزام چپرائي سڄي شهنشاهت جي ڪليسائن ۾ هر طرف وڑهائي ڇڏيا آهن. (يوسيبيس. vii,30) -

129. سندس تفرقي بازي، (نوٽس ۽ سَبيليس جي ڪرتوتن وانگر ساڳي صديءَ ۾) نيڪ ۽ خدائي ماٺهن ۾ هڪ پُراسرار فرق پيدا ڪيا ۽ معاملن کي سلجهائڻ جي بجاءِ اُنهن کي ويتر اُلجهائي ڇڏيو. ڏسو موشير (ص - 702 وغيره).

130. يوسيبيس (ڪليسائي تاريخ vii,30) اسان سندس بيحد ٿورائتا آهيون جو هن اسانکي سموساتا جي پال جي عجيب و غريب آکاڻي ٻڌائي آهي.

131. شهيدن جو دوُر يا زمانو - اهو اصطلاح يا جوڙي ايا تائين قديمي مصري عيسائين ۽ حبش وارن وٽ استعمال ۾ آڻي ٿي، جنهن جو اصل ۽ تاريخ 29 آگسٽ، 294ع آهي ڇاڪاڻ ته مصري سال جي شروعات، ڊائڪليشين جي جانشينيءَ کان اٿويهه ڏينهن اڳ جي آهي.

132. لئڪنٽينس جو اظهار (ڊي - ايم - پي، باب - 15) ته: " هن متن زور ڀريو ته ديوتائن اڳيان قرباني ڏئي پلي پليد ٿين." ساڳي وقت ان مان سندن اڳئين عقيدي جي تبديلي بابت به معلومات ملي ٿي پر اها ڳالهه موشير جي نقطهٔ - نظر جي حمايت نٿي ڪري (ص - 912) ته اُنهن خانگي طور پاڪ غسل ڪيو هو.

133. ايم - ڊي ٽليمانٽ (ڪليسائي يادگيريون (v,i, 11 & 12) اِسپائيسيلجيَر آف ڊام منجهان حوالا ڏنا آهن جن منجهان هڪ دلچسپ تعارف جي معلومات ملي ٿي. هي تعارف پادري ٽامس ليوسين جي استعمال ڪرڻ لاءِ لکيو هيو.

134. لئڪٽينٽيس (ڊي - ايم - پي، باب - 10).

135. يوسيبيَس (ڪليسائي تاريخ - (viii,i) مهربان پڑهندڙ جن اصل کي ڏٺو آهي تہ اُميد تہ مونتي، تصوير کي وڌائي ۽ آسمان تي چڙهائي پيش ڪرڻ جو الزام نہ مڙهيندا. يوسيبيَس، شهنشاهہ ڊائڪليشين جي تخت نشينيءَ جي وقت، مشڪل سان سورهَن سالن جي عمر جو هيو.

136. اسان ڪيترن ئي مثالن منجهان، مٿاڻ جي پر اسرار عبادت ۽ ٽارو بوليا، جو حوالو ڏئي سگهون ٿا. پويون تہ ائنٽوننس جي دؤر ۾ فئشن جي دنيا ۾ ڪافي مشهور ٿيو. (ڈسو ايبر - ڊي - بوز جو مقاملو (نقش نگارن جي اڪئڈمي ۾ (ii, 443) اَپُوليس جي عشق جو داستان جيترو عقيدت وارو آهي تہ اوترو ئي طنز سان ڀرپور آهي.

137. مڪار سڪندر، مئلوز ۾ ٽرافونيَس جي غيب جي علر جي گهٽي سفارش ۽ تعريف ڪئي ۽ اپولو جي ڪلئروس ۾ ۽ مليٽَس (ليوسيَن ii, 236 جنهن کي ريز ايبٽ ڪيو) هنن منجهان جيڪو آخري آهي، ان جي انوکي تاريخ اسانجي لاءِ هڪ دلچسپ کهاڙيءَ جو مواد اسانکي ڏيندي. ان سان ڊائڪليشين، پنهنجن اڌيتن جي فرمانن جي چپچڻ کان اڳ صلاح مشورا ڪري ورتا هيا.

138. پٽا غورس ۽ ارسٽيز جي قديمي کهاڻين کانسواءِ ايسڪيولئپيَس جي مقبري تي جيڪا هن ماٿهن کي شفا ڏياريِ يا قِيانا جي اپولونيَس جي باري ۾ ڪوڙا افسانوي قصا جيڪي حضرت عيسيٰ (ع - س) جي معجزن جي بلڪل ابتڙ آهن، توڙي جو آءٔ ڊاڪٽر لارڊنر سان گهٽي پاڳي سهمت آهيان (ڈسو شاهديون (iii, 253,252 تہ جڏهن فلوسٽرٽس، اپولونيَس جي زندگي جي عڪاسي ڪئي تہ ان وقت سندس نيت بلڪل صاف هئي.

139. ان ڳالهہ تي جيترو افسوس ڪجي اوترو گهٽ آهي تہ عيسائي بزرگ، لادينن جي فوق الفطرت طاقت کي مڃين ٿا يا بقول اُنهن جي تہ جيڪو سندن دوزخي ڪردار آهي تہ ائين ڪرڻ سان جڻ هو پنهنجي هٿن سان پاڻ پنهنجي هڪ وڏي فائدي کان محروم ٿين ٿا جيڪو جيڪر هونئن اسان اُنهن رعايتن مان حاصل ڪريون ها جيڪي مخالفن کي ڏنيون ويون آهن.

140. جوليَن (ص - 301، ايبٽ اسپانيئر) هڪ پاڪ خوشيءَ جو اظهار ڪري ٿو تہ ديوتائن جي دوراندیشيءَ جي ڪري ڪُوڙا ۽ ناپاڪ فرقا ختر ٿي چڪا آهن ۽ گهٽو ڪري پرهونيَس ۽ ايپيڪيوريَس فرقن جا ڪتاب بہ تباهہ ٿي چڪا آهن جيڪي بيشمار تعداد ۾ هيا چو تہ فقط ايپيڪيورَس ئي 300 جُلدن کان وڌيڪ ڪتاب لکيا هيا. (ڈسو ڊايو جينس لرٽيس x, 26) .

141. "آءٔ ڪجهہ ماٿهن کي بُڙ بُڙ ڪندي ۽ ناراضگيءَ مان ائين چوَندي ٻڌان ٿو جيڪي چوَن ٿا تہ سينيٽ اهڙين تحريرن تي پابندي مڙهڻ جو فيصلو يا فرمان جاري ڪري جن جي خلاف عيسائي مذهب، آزمائشن ۾ وڌو ويو آهي ۽ اسانجي مجيل ريتن رسمن تي بہ فضول سوال اٿاريا وڃن ٿا ....." هو اڳتي صحيح ۽ مدلل طريقي سان هينئن ٿو چوي: "توهان سِسيرو جي غلطين کي پلي وائکو ڪيو ۽ عوام اڳيان آڻيو..... پر سندس تحريرن کي ضبط ڪرڻ ۽ ماٿهن کي اُنهن جي پڑهڻ کان منع ڪرڻ جي عمل سان الله تعاليٰ جي حڪمن جي حفاظت هرگز نہ ٿيندي پر ائين ڪرڻ جو سنئون سڌو مطلب اهو ٿيندو تہ اوهان سچ جي ثبوت ۽ شاهديءَ کان ڊڄو ٿا."

142. لئڪٽينٽيَس (خدائي ادارو v,2,3) - مذهب جي بن فلسفِي مخالفن بابت واضح ۽ جذباتي احوال ڏئي ٿو. پورفري جو عيسائين خلاف تمام وڏو مقالو ٽيهن ڪتابن تي مشتمل هيو ۽ اُهو 270ع ۾ سِسلي ۾ چپيو هيو.

143. ڏسو سقراط ڪي (ڪليسائي تاريخ ۾ - i,9) ۽ ڪوڊيڪس جسٽينيَن ڪي i, عنوان، i,3) .

144. يوسيبيَس (viii,4,17) هو فوجي شهيدن جي تعداد ڪي گهٽ ڪندي هڪ انوکي قسم جو اظهار ڪندي چوي ٿو: "شايد هڪڙوئي يا وڌ ۾ وڌ ٻه". جن مان نہ تہ لاطيني ۽ نہ فرانسيسي ترجمي جو خاص مطلب نڪري ٿو. يوسيبيَس جي سنَد ۽ لئڪٽينٽيَس، ائمبروز، سلپيشيَس ۽ اوروسيَس وغيره جي خاموشيءَ جي باوجود، اهو ڪيتري عرصي ڪان وٺي تسليم ڪيو ويو آهي تہ ٽيبيَن جا 8000 عيسائي فوجي، مئڪسميَن جي حڪم تي شهيد ڪيا ويا ۽ اهو هنڌ پينينائن جبلن جي وادي هو. اها ڪهاڻي پهريون پيرو ليونس جي پادري يوچيريَس طرفان پنجين صدي عيسوي جي وچ ڌاران چپي هئي جنهن ڪي اها ڪنهن ٻي ماٿهوءَ ڪان ملي هئي، ان ڪي ٻہ ايڏا وري ٽئين ماٿهو اسحاق ڪان هٽ آئي هئي جيڪو جنيوا جو بشپ هو، جنهن ڪي ٻہ وري هڪ ٻي شخص ٽيو ڊور ڪان ملي هئي جيڪو آڪٽوڊيورَم جو پادري هو. سينٽ مارِس جي عيسائي خانقاهہ جو وجود ايڏا تائين قائم آهي جيڪو هڪ آباد ۽ اعتماد وارو يادگار ۽ برگنڊي جي بادشاهہ سگنسمنڊ سان لاڳاپيل آهي. ڏسو هڪ زبردست مقالو (ببليوٽڪ رئسزوئي ۾ - صفحا 454 - 427).

145. ڏسو (ائڪٽا سِنسيرا - ص - 299) سندس ۽ مارسيلَس جي شهادت جي تفصيلن ۾ صاف سڃائي ۽ صداقت موجود آهي.

146. ڏسو ائڪٽا سنسيرا - (ص - 302).

147. ڊي - ايڊ - پي - باب - 11. لئڪٽينٽيَس (يا جيڪو ٻہ هن ننڍڙي مضمون جو ليکڪ هيو) اُهو ساڳئي وقت نڪوميڊيا جو رهواسي ٻہ هو، پر اهو سمجهڻ ڏکيو ٿو لڳي تہ جيڪو ڪجهہ شاهي وزارت ۾ مخفي نموني ٽيو هو ان جي ڪيس خبر ڪيئن پئجي وئي.

148. جيڪا فقط هڪڙي صورتحال اسان ڳولي هٽ ڪري سگهيا آهيون سا گٽلريَس جي ماءُ جي محبت ۽ سندس حسد جي فطرت آهي. سندس طبيعت ڪي لئڪٽينٽيَس هينئن ٿو بيان ڪري: " هُوءَ جابلو ديوتائن جي پُوڄارڻ ۽ تمام گهٽن وهمن وسوسن ۾ وکوڙيل آهي." هنجو پنهنجي پُٽ تي تمام گهٽو اثر هيو ۽ تڏهن جڏ ۾ تپي باهہ ٽي ۽ ڪاوڙ جي وئي جڏهن ڪجهہ عيسائي نوڪرن ڪيس ڪنهن ڳالهہ تان ناراض ڪيو هو.

149. ٽرمينَس ديوتا جي عبادت ۽ انجي جشن بابت ايڊ - ڊي بوز شاندار طريقي سان اسانکي ٻڌايو آهي، (نقش و نگار جي اڪيڊمي - i, 50)

150. اسان وٽ لئڪٽينٽيَس جو اڪيلو مسودو موجود آهي جنهن ۾ اسان لفظ "پروفيڪٽَس" (ظاهر ڪيو يا سفر تي نڪتو) پڙهون ٿا، پر سيني نقادن جي گڏيل راءِ ۽ دليل ان ڳالهہ جي حمايت ڪن ٿا تہ اهو لفظ سڃي تحرير جي مقصد کي ختر ڪري ٿو ڇڏي، انڪري ان لفظ کي "پريفيڪٽَس" (مُنهندار) سان تبديل ڪجي تہ بهتر ٿيندو.

151. لئڪٽينٽيس (ڊي - ايڊ - باب - 12) ڪليسا جي تباهيءَ جي باري ۾ سڃي ۽ صاف حقيقت اسانکي تمام دلچسپ انداز ۾ ٻڌائي ٿو.

152. موشيم، (ص - 926 - 922) لئڪٽينٽيَس ۽ يوسيبيَس جي ٽڙيل پکڙيل تحريرن منجهان ٽُڪرا چونڊي، اُنهن کي پاڻ ۾ ڳنڍي جوڙي هن فرمان بابت تمام دُرست ۽ جائز تجزيو پيش ڪيو آهي، توڙي جو هُو ڪڏهن موضوع کان هيڏي هوڏي ٿي هٽي ٿو وڃي ۽ پنهنجي اندازا ۽ بيان جي خوبصورتين سان پنهنجي تحرير کي سجائي ٿو.. ڪيترا سال پوءِ، ايڊورڊ I - انگلنڊ جي مذهبي ماٺهن جي خلاف ساڳين اذيتن جو عمل ڪافي ڪاميابيءَ سان جاري رکيو. (ڏسو هيوم جي انگلنڊ جي تاريخ ii, 300) آخري چار ڇاپا.

154. فقط لئڪٽينٽيَس ڪيس ضِدي ۽ هوڏِي ٿو ڪوئي: " اُهو جيڪو حق، سچ تي به نه هجي پر پوءِ به وڏي جرئت وارو هجي، وغيره." (يوسبيَس - باب - 12، - 5 viii) هو ڪيس لامذهب اعزازن سان نوازي ٿو. ڪنهن به مٽس مهرباني ڪندي سندس نالو به ظاهر نه ڪيو آهي، پر يوناني هر سال سندس ياد کي ملهائن ٿا ۽ ڪيس جان جي نالي سان ياد ڪن ٿا. (ڏسو ٽليمانٽ (ڪليسائي يادون - 320 . v,ii,)

155. لئڪٽينٽيَس (ڊي - ايم - پي - باب 13 ۽ 14) "ڪنهن وقت وڏ ۾ وڏ طاقت وارن ڪڏڻ، جن تي سڄو محلات ۽ خود شهنشاهه به پاڙيندو هو، کي موت جي سزا ڏني وئي." يوسيبيَس (viii,6) خاص طرح تي هن ڪڏڻ گورگونيَس ۽ ڊوروٿيَس ۽ نڪوميڊيا جي پادري ائنٽيميَس جي ظالماڻي موت بابت لِڳ ڪاندارينڊ واقعو بيان ٿو ڪري ۽ ٻئي ليڪڪ ڏاڍي ڏکوئيندڙ صورتحال ٻڌائن تا ته شهنشاهه جي موجودگيءَ ۾ ساڻن ڪهڙيون عقوبتون عمل ۾ آنديون ويون.

156. ڏسو لئڪٽينٽيَس، يوسيبيَس ۽ ڪانسٽنٽائن. (ائڊڪوٽر سٽنڪٽورم - باب - 25) يوسيبيَس، باهه لڳڻ جي سببن کان پنهنجي بيخبري کي تسليم ٿو ڪري.

157. ٽليمانٽ (ڪليسائي تاريخ - v,i,43) .

* (شاعر - 8 - 65 ق - م).

158. ڏسو رٽنارٽ جو ائڪٽا سنسيرا (ص - 253) ٽبارا جي فيلڪس يا ٽائيبر جون تحريرون جيڪي ٻين ڇاپن جي مقابلي ۾ تمام گهٽ حدن تائين بکڙيل آهن، جن مان اسانکي فراخدليءَ وارو نمونو ملي ويو آهي.

159. ڏسو مائيلوِس آپٽٽَس جو پهريون ڪتاب جيڪو ڊونيٽسٽ فرقي جي مخالفت ۾ لکيل آهي جيڪو پئرس ۾ ڇپيو آهي (1700 - 1702) ۽ جنهن کي ڊيوِين ايڊٽ ڪيو هو. هو وٽلِس جي حڪومت جي دوَر ۾ رهندو هو.

160. قديمي يادگار، جيڪي آپٽٽَس آخر ۾ ڇپرايا (ص - 261 وغيره) حالتن پٽاندر اُنهن جو بيان آيل آهي جنهن موجب گورنرن ڪليسائن کي تباهه ڪرايو. اُنهن ڪليسائن ۾ موجود شين جي لسٽ ٺاهي. نيو ميديا ۾ سِرتا جي چرچ ايا تائين سلامت آهي، ان ۾ به سونا ساغر (شراب جا پيالا)، چ چانديءَ جا ڪٽورا، چ ڪونديون، هڪ ڪٽلي، ست بتيون، (سيئي چانديءَ جون نهيل) ان ڪانسواءِ ڪيترائي تامي ۽ پِتل جا ٽانوَ ۽ پاڻ جا ڪپڙا ۽ ويس وڳا موجود هيا.

161. لئڪٽينٽيَس (خدائي ادارو - v, 11) هن مصيبت يا آفت کي فقط ڪليسا ۽ ان ۾ شامل ٽيندڙ عبادت گذارن جي ميڙ تائين محدود ٿو ڪري. يوسيبيَس (viii,ii) انکي سڄي شهر تائين وڌائي ٿو ڇڏي ۽ اهڙو به اشارو ڏئي ٿو ته جڏ ڪليسا تي باقاعدي هڪ حملو ڪري کيس تباهه ڪيو ويو هو، سندن قديمي لاطيني مترجم روفينَس هڪ اهم ڳالهه جو ذڪر ڪري ٿو ته اتان جي رهواسين کي اجازت ڏني وئي هئي ته پلي اُهي اُتي آرام ڪن. جيئن فرجيا، اِسَوريا جي

حدن اندر آيو تہ ان ڳالھہ جو قوي امڪان ٿي سگھي ٿو تہ بربرن جي بي صبري واري ۽ اُبھري طبيعت سبب اھو بدقسمت واقعو پيش آيو ھجي.

162. يوسيبيَس (viii,6)) ايمر - ڊي وئلوئس (امڪاني حد تائين) محسوس ٿو ڪري تہ ھن لبينيَس جي ھڪ رسمي تقرير منجھان شام جي فساد جو ڪارڻ ڳولي ورتو آھي ۽ ٻيو تہ، مئجسٽريٽ يوجينيَس طرفان اھا ھڪ بي موقعي ۽ اُبھري ڪوشش ھئي جنھن فقط پنج سؤ ماڻھن سان ائنٽئڪ تي وڃي قبضو ڪيو ۽ ممڪن آھي ھن عيسائين کي مذھبي سھپ ۽ برداشت جي لالچ ۾ ڏني ھجي تہ اھڙو واعدو ۽ اُنھن سان ڪيو ھجي. يوسيبيَس کان (ix,8) ساڳي وقت ڪورين جي موسيٰ (آرمينيا جي تاريخ ii, 77 وغيرہ) کان اھا ڳالھہ ڇڳيءَ طرح معلوم ٿئي ٿي تہ آرمينيا ۾ عيسائيت اڳ ۾ ئي پنھنجا پير ڪُپائي چڪي ھئي.

163. ڏسو موشير کي (ص - 938) يوسيبيَس جي تحرير جو متن صاف طرح واضح ٿو ڪري تہ گورنر، جن جا اختيار روڪيا نہ پر نوَن قانونن ذريعي اڳي کان گھٽا وڌايا ويا ھيا، اُھي ضدي ۽ ھٺيلن عيسائين کي موت جي سزا ڏئي ٿي سگھيا تہ جيئن سندن پائر ۽ عزيز ۽ اھڙين سزائن منجھان سبق وٺن.

164. اٽنئسيَس (ص - 833) ٽليمانٽ (ڪليسائي يادون - v,i,90) .

165. يوسيبيَس (viii, 13) لئڪٽينٽيَس (ڊي-ايمر-پي) باب - 15) ڊاڊويل (مقالو) سائپرين (xi, 75) اُنھن لاءِ ٻڌائي ٿو تہ سندن مؤقف يا بيان ھڪ ٻئي سان نٿا ملن، ۽ پھريون ڪانسٽئنٽيَس لاءِ ڪُلي ڳالھائي ٿو ڇو تہ ڪيس سيزر جو لقب مليل ھو، جڏھن تہ پويون ۽ ساڳئي شھنشاھ جي ڳالھہ آگسٽس جي لقب جي حوالي سان ڪري ٿو.

166. ڊئنيئينَس کي گروٽر جي نقشن ۾ بيان ڪيو ويو آھي تہ پئڪس جُوليا ۽ اِبورا جي وچ ۾ حدن جو تعين ڪيو وڃي. اھي ٻئي شھر لوسيٽئنيا جي ڏکڻ طرف آھن. جيڪڏھن اسان پنھنجي ذھني يادن تي زور ڏيون ۽ ھنن جڳھن جي پاڙيسري ڪيپ سينٽ وِنسينٽ جي حوالي سان ڳالھايون، تہ پوءِ اسانکي شڪ ٿو پوي تہ مشھور راھب ۽ ان نالي جي شھيد کي پروِينشيَس غلطيءَ مان سارگوسايا وٽلينشيا سان منسوب ڪيو آھي. ڏسو سندس اذيتن جي شاندار تاريخ ٽليمانٽ جي يادگيرين ۾ (v,ii,58-85) ڪيترا نقاد ان خيال جا آھن تہ ڪانسٽئنٽيس جي سيزر جي حيثيت واري ڪاتي ۾ اسپين شامل ڪونہ ھو جيڪو ايا تائين مئڪسيمَن جي سڏي سنئين انتظامي نظرداريءَ ھيٺ ھو.

167. يوسيبيَس (viii,II) گروٽر (نقش (1171 ۽ نمبر 18) رُوفينَس کان ادُوڪَس جي رتبي ۽ شھادت جي جڳھہ ٻڌائڻ ۾ غلطي ٿي آھي.

168. يوسيبيَس (viii,14) ۾ جيئن تہ مئڪينٽيَس کي ڪانسٽئنٽائن شڪست ڏني ھئي تہ اِھا ڳالھہ لئڪٽينٽيس جي مقصد جي عين مطابق ھئي تہ پنھنجو موت ۽ اذيتن ڏيندڙن جي لسٽ ۾ شامل ڪرائي ڇڏي.

169. مرسيلَس جو ڪتبو گروٽر ۾ ملي سگھي ٿو. (نقش (1172 - نمبر - 3) ۽ اسانکي ان جي تاريخ بابت سيڪجھہ ملي ٿو. مارسيلينَس ۽ مارسيلَس جن جا نالا ھڪ ٻئي پنيان پادرين جي لسٽ ۾ اچن ٿا، ڪيترن نقادن جي نظر ۾ اُھي مختلف ماڻھو آھن ۽ ھڪ وڏي ڏاھي ماڻھو ابي ڊي لانگرُو کي يقين آھي تہ اُھي ھڪ نہ ۽ ھڪڙو ۽ ساڳيو ئي ماڻھو آھي.

"هڪ سچو حاڪر - چو تہ هن اڳواڻ پيشنگوئي ڪئي هئي تہ چڊيل يا رهيل عيسائين کي سزا ملندي - هُن هِنن اپاڃن ۽ بدنيت ماڻهن جو پاڻکي دشمن ثابت ڪيو. هي بيوقوفي ۽ جنوني ڪيفيت جو ڪارڻ هو. ان سان گڏ نفاق، قانوني ڪارروايون، فتنا ۽ فساد، قتل ۽ خونَ جو هر طرف چرچو هو. صلح ۽ امن جي معاهدن کي ٽوڙيو ويو. هڪ ماڻهو جنهن صلح ۽ امن جي زماني ۾ حضرت عيسيٰ (ع - س) جي ڀَالهہ نہ مڃي هئي يا انکان انڪار ڪري چڊيو هو تہ فقط ان ڏوهہ لاءِ آمر جي ظلم جي روَيي سبب کيس ملڪ نيڪالي ڏني وئي. ڏماسَس هنن حقيقتن جي هڪ ننڍڙي رپورٽ ناهڻ جو فيصلو ڪيو تہ جيئن ماڻهن کي مارسيلَس جي تعريف لائق ڪمن ۽ ڪارنامن جي خبر پئجي سگهي."

170. آپٽنٽس (ڊونٽسٽ . i, 17, 18)

171. سينٽ نونيفيس جي تحرير ۽ جڏهن جا ڪارناما ۽ جنهن ۾ معجزن ۽ تقريري ڪارنامن جو ذڪر آهي، ڪي رُئنارٽ (ص - 291 - 283) قديم مسودن جي بنياد کي سنَڊ بنائي ٻنهي زبانن يوناني توڙي لاطيني ۾ ڇا پيو آهي.

172. پهريُن چئن صدين دوَران، اولهندي اليريڪر ۾ يا تہ پادري يا پادرين جي انتظامي حدن جا ڪجهہ آثار ملڻا آهن. ان ڀَالهہ کي مناسب سمجهيو ويو آهي تہ مِلن جي مڪيہ بشپ پنهنجو انتظامي حدون سِرمير تائين وڌائي چڊيون هيون جيڪو ان وڌي صوبي جي گاديءَ جو هنڌ هيو. (ڏسو جاگرافيائي صورتحال چارلس ۽ سينٽ پال جي حدن بابت، صفحا - 76 - 68، ليوڪس هولسٽينيَس جي مشاهدن سميت).

173. يوسيبيَس جو انُون ڪتاب ۽ هڪ ٻيو ضميمو، جنهن ۾ فلسطين جي شهيدن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، پر خاص طرح سان ان ۾ گئلريَس ۽ مئڪسيمن جي اذيتن کي بيان ڪيو ويو آهي. جيڪو افسوس ۽ روچ راڙو، جنهن سان لئڪٽينٽيَس پنهنجي پنجين ڪتاب ۽قدرتي اداراءِ جي شروعات ڪري تو، ان ۾ سندن يعني گئلريس ۽ مئڪيسمن جي ظلمن جا داستان پريل آهن.

174. يوسيبيَس (viii, 17) هن يادگار فرمان جي يوناني نظريي کي اسانجي آڏو آندو آهي ۽ لئڪٽينٽيس (ڊي، ايم - پي - باب - 34) وري اصلي لاطينيءَ ۾ پيش ڪيو آهي. ٻنهي ليکڪن مان شايد ڪنهن کي به ياد نٿو اچي تہ جيڪو ڪجهہ به اُنهن گئلريَس جي پڇتاءِ ۽ ضمير جي ملامت بابت ٻڌايو آهي تہ خود پنهجين ئي تحريرن ذريعي اُن ڪُهڙيءَ ان ڀَالهہ جي ڇڻ پاڻ ئي تردید به ڪري چڊي آهي.

175. يوسيبيَس ۽ (viii, 14; 2-8) لئڪٽينٽيَس (ڊي - ايم - پي - باب - 36) هي ٻئي ليکڪ مئڪيسمن جي ڪردار تي هڪ ٻئي سان متفق آهن؛ ۽ پهريون ڪيترن ئي شهيدن جي اذيتن ۽ سندن موت جي سزا جو ذڪر ڪري تو، جڏهن تہ پويون، پهرئين جي ابتڙ، صاف طور تي ٻڌائي تو تہ: " هن الله جي ٻانهَن (غلامن) کي مارڻ يا قتل ڪرڻ کان منع ڪري چڊيو هو."

177. پنهنجي مرڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ، هن برداشت جي جذبي جي سلسلي ۾ هڪ واضح فرمان جاري ڪيو جنهن ۾ هن گورنرن ۽ ججن تي الزام مڙهيا تہ اُنهن ئي عيسائين کي بيشمار تڪليفون ڏنيون ۽ اذيتون پهچايون هيون، چو تہ هنن سندس نيڪ نيتي کي سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي هئي. (ڏسو فرمان، يوسيبيَس جي تحرير ۾ .ix, 10)

178. يوسيبيَس جي هن اهر تحريري ٽڪرن مان اهو ئي مناسب نتيجو نڪتو آهي: (viii,2) "فلسطين جا شهيد" (باب - 12) هن تاريخدان جي دور انديشيءَ سندس پنهنجي ئي ڪردار کي مذمت ۽ شڪ لائق بڻائي ڇڏيو آهي. اهو سڀني کي معلوم آهي ته ڪيس به سزا ڏئي جيل ۾ بند ڪيو ويو هيو، ۽ بعد ۾ اهو الزام به مٿس لڳو ته هن جيل مان پنهنجي آزاديءَ کي، هڪ انتهائي ذلت ۽ بيعزتي واري فرمانبرداري کندي خريد ڪيو هو. هيءِ ملامت هنجي موجودگيءَ ۾ سندس پنهنجي جيئري ئي تاثر جي ڪائونسل ۾ مٿس لڳي چڪي هئي. ڏسو تليمانٽ (ڪليسائي يادگيرين ۾ - viii,i. 67)

179. ٽاراچَس ۽ سندس ساٿين جي تڪليفن جو قديمي ۽ مستند احوال (ائڪٽا سنسيرا ۾ بيان ڪيل آهي. رُئنارٽ - صفحا (419 - 448 ڪاوڙ ۽ نفرت جي سخت اظهار سان پريو پيو آهي، جنهن سبب مئجسٽريٽ کي به سخت ڪاوڙ اچي وئي. اِيڊيسيَس جو مصر جي مُنهندار هِيروڪلس ڏانهن روَيو انتهائي نيارو ۽ بيحد نمايان هو: "زباني ۽ جسماني طرح مُنهندار لاءِ سخت ذلت آميز هو."

180. يوسيبيَس (فلسطين جا شهيد - باب - 13).

181. آگسٽن - (ڪولٽ، ڪارٿيجيَن ڊي iii,13) - ٽليمانٽ (ڪليسائي يادگيرين - v,i,46) ڊونٽسٽ فرقي وارن سان اختلافن سبب، آفريڪي ڪليسا جي تاريخ تي، توڙي ڪٿي ٽورا يا هڪ طرفائي سهي، پر اثر ضرور پيا آهن.

* (عيسائي شهيدن جي باري ۾ مشهور قصن يا ڏند ڪٿائن جا جمع ڪندڙ يا ترتيب ڏيندڙ).

182. يوسيبيَس (فلسطين جا شهيد - باب - 13) هو پنهنجي بيان کي، اسان کي هي يقين ڏيارينديِ بند ٿو ڪري ته اذيتن جي پوري دؤر ۾ هي شهادتون فلسطين جي سرزمين تي عمل ۾ آيون هيون. اڳين ڪتاب جو پنجون باب جيڪو مصر جي ٽيبائس صوبي متعلق آهي، شايد اسانجي اعتدال واري حساب ڪتاب جي تردید ڪري، پر ان جي باوجود اسان ان تاريخدان جي ڪمال واري ڪارنامي جي تعريف ڪرڻ کانسواءِ نه رهي سگهنداسين، هُن هڪ اهڙو موضوع چونڊيو جيڪو انتها درجي جي ظلم سان واسطو رکندڙ هيو، ۽ ساڳي وقت روم جي شهنشاهت جو ايترو ته پرانهون ۽ ڏار ٽيل ٽڪرو وڃي چونڊيائين ته اهڙي جڳهه تان به اسان کي هو ٻڌائي ٿو ته ٽيبائس ۾ روزانو ۽ ساڳئي ڏينهن تي ڏهَن ڪان هڪ سؤ ماڻهن کي شهيد ڪيو ويندو هو. پر جڏهن هو مصر ڏانهن پنهنجي سفر جو ذڪر ڪري ٿو، ته سندس هولي‌ءِ جو لهجو خود بخود محتاط ۽ شائستگي اختيار ڪري وڃي ٿو. بجاءِ هڪ وڏي يا تعداد جو صحيح انگ ٻڌائڻ جي، هو فقط ايترو ٿو ٻڌائي ته گهٽا عيسائي هيا ۽ وڏي چالاڪيءَ مان ۽ مبهم لفظ استعمال ڪيائين جن جو يا ته اهو مطلب ٿي سگهي ٿو ته "جيڪو ڪجهه هن پاڻ ڏٺو هو يا وري جيڪو ڪجهه هن سڻائن بابت سوچيو هو يا وري اُنهن تي عمل ٿيڻ بابت ٻڌو هو. هن سلسلي ۾ ڳالهه کي نتائڻ جي ڪاميابي حاصل ڪرڻ بعد هو پنهنجو معنيٰ خيز يا مشڪوڪ جملو پڙهندڙن ۽ مترجمن جي حوالي ٿو ڪري ۽ اها اُميد ٿو رکي ته سندن اندر جي نيڪي ضرور ان منجهان ڇگي مطلب ڪڍڻ لاءِ کين آماده ڪندي. ٽيوڊورَس ميٽرچِيٽا جي ان تجربي مان ڪجهه سندس بدنيتي ۽ ڪدورت جو انومان ڪڍي سگهجي ٿو ته سيئي جيڪي، يوسيبيَس وانگر، مصر جي ماڻهن کي ڇاڻندا سڃاڻندا هيا، ته اُهي مبهم ۽ اَڻ چٽي طريقي سان هلڻ ۽ پيش اچڻ ۾ خوشي محسوس ڪندا هيا. (وڌيڪ لاءِ ڏسو وٽليسيَس).

183. جڏهن فلسطين تي حصن ۾ ورهائجي ويو ته مشرقي خطي ۾ ان وقت انٽيتاليه صوبا هيا. جيئن ته قومن جي قديمي فرقن جا معيار کڏوهڪا ختر ٿي چڪا هيا، ته روم وارن پنهنجن صوبن جي ورهاست پنهنجين جاگرافيائي حدن پٽاندر ۽ دولت ۽ خوشحاليءَ جي آڌار تي ڪئي.

184. "فقط ڏاڙون هڻڻ لاءِ ته هنن ڪنهن به معصوم ۽ بيگناهه ماڻهوءَ کي موت جي سزا نه ڏني هئي، ڇو ته مون پاڻ پنهنجي ڪنن سان ڪجهه ماڻهن جون ٻڌاڪون ٻڌيون، ڇاڪاڻ ته سندن خطي جي انتظام ۾ ڪو به رتو ڇاڻ ڪونه ٿيو هو." لئڪٽينٽيس. (خدائي ادارو - v,11)

* (تحقيقات، پچاڳاڇا)

+ (جرمني جو شهنشاهه ۽ اسپين جو بادشاهه - 1558 - 1500ع).

185. گروٽيس (تاريخوار واقعا i,12 .جن کي فول ايڊٽ ڪيو).

186. فراپائلو (ڪتاب (iii) بيلجيم جي شهيدن جي تعداد کي گهٽائي 50000 جي انگ تي ٿو بيهاري. علم توڙي اعتدال پسنديءَ ۾ فرا پائلو، گروٽيس کان گهٽ نه هيو. وقت جي ضرورت ۽ اهميت، پهرئين جي شاهدي يا سَنَد کي ضرور وڌيڪ اهميت ڏئي ٿي، پر ان اهميت کي وري وينس ۽ نيدرلئنڊس جي وچ واري وڏي مفاصلي ڪجهه گهٽائي ڇڏيو آهي.

باب - ستر هون. (خلاصو)

قسطنطنيہ جو بنياد - ڪانسٽئنٽائن ۽ سندس جانشينن جو سياسي جوڙجڪ - فوجي نظم ۽ ضبط - محلات - مالياتي معاملا.

"زوال ۽ خاتمي" جو ٻيو ۽ ٽيون نمبر جُلد، پهرين سورهن بابن جي ڇپجڻ کان پنج سال پوءِ 1781ع ۾ ظاهر ٿيا. گِبن، روم جي شهنشاهت جي تاريخ لکڻ جو ڪر قسطنطنيہ جي نئين گاديءَ جي هنڌ جي تعمير سان ٻيهر هٿ ۾ کنيو. ان کانپوءِ هو شهنشاهت جي قانون ۽ هلت چلت بابت هڪ جائزو پيش ٿو ڪري جنهن جو عرصو قسطنطنيہ جي ارپنا سن 330ع کانوڌي ٿيوڊوسيس سرشتي جي قائر ٿيڻ يعني 438ع تائين آهي. آفيسرن جي رتبن ۽ عهدن کي انتظامي، مالياتي ۽ فوجي ذميدارين مطابق ورهايو ويو هو. هو پنهنجن جائزن ۽ مشاهدن کي، شهنشاهت ۾ ڪانسٽئنٽائن جي حڪومت جي دؤر ۾ عوام مٿان ڪَرين ٽئڪسن مڙهڻ جي تفصيلي غور ۽ ويچار وندڻ تي ختم ٿو ڪري.

باب - ارڙهون. (خلاصو)

ڪانسٽئنٽائن جو ڪردار - ڪاٿن جي جنگ - ڪانسٽئنٽائن جو موت - سندس ٽن پٽن ۾ شهنشاهت جي ورهاست - فارس جي جنگ - ننڍي ڪانسٽئنٽائن ۽ ڪانسٽنس جو ڏکوئيندڙ موت - مئگنينٽيس جو اقتدار تي زوريءَ قبضو - خانہ جنگي - ڪانسٽئنٽيس جي سوڀ.

ڪانسٽئنٽائن جي ڪردار بابت گبن جي نظريي مطابق سندس جرئت واري فوجي ڪردار جي تعريف ڪئي وئي آهي جڏهن ته سندس انصاف بابت مٽس تنقيد ڪئي وئي آهي: سندس پوئين دؤر جي ڏوهن ۾ سڀ کان وڏو 326ع ۾ سندس پنهنجي پٽ ڪرسپَس جو قتل آهي. ان جي باوجود جو دنيوب کان ٻ ايجا پرپرو هُو ڪاٿن ۽ سرماٽينس سان گهٽين ئي جنگين ۾ ملوث هو، پر سندس دؤر شان شوڪت سان ختم ٿيو ۽ هو فطري موت ذريعي 337ع ۾ گذاري ويو. گبن ڪانسٽئنٽائن جي خاندان ۾، سندس ٽن پُٽن ڪانسٽئنٽائن II ، ڪانسٽئنٽيَس II ۽ ڪانسٽنس جي جانشيني جي موقعن تي رتو ڇاڻ جو ذڪر ڪري ٿو. اوپر ۾ ڪانسٽئنٽيَس، فارس وارن سان ٽيويهن سالن تائين جنگين، جهيڙن ۽ فسادن ۾ رُڌل رهيو. ان دؤران شهنشاهت ۾ خانہ جنگيون لڳيون جن جي نتيجي ۾ ٻہ حادثا يعني ڪانسٽئنٽائن II جو موت 340ع ۽ ڪانسٽنس جو قتل 350ع ۾ ٿيا. اولهہ جي خطي ۾ هڪ شخص مئگنينٽيَس شهنشاهت جو دعويدار ٿيو پر ڪانسٽئنٽيَس 353ع ۾ هيئين هنگري ۾ مُرسيٰ جي جنگ دؤران کيس شڪست ڏني.

باب - اٺويهون. (خلاصو)

ڪانسٽنٽيس هڪڙو ئي شهنشاهه - ڪنّس جي ترقي ۽ سندس موت - خطرو ۽ جُولين جي ترقي - سرمانيَنس ۽ فارس جون جنگيون - گال ۾ جولين جون سوڀيون.

باب اٺويهين ۾ ڪانسٽنٽيَس جي حڪومت جي آخري سالن جو ذڪر آيل آهي جڏهن هو ڪدڙن جي اثر هيٺ اچي، کين ئي حڪومت هلائڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. 354ع ۾ هنن سندس سوٽ ڪنّس کي مارايو جنهن سيزر جي لقب سان اٺنئڪ ۾ حڪومت ڪئي. شهنشاهه جي ٻي سوٽ جُولين کي ملڪ نيڪالي ڏئي. اٽينس موڪليو ويو پر کيس هيلينا سان شادي ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي جيڪا ڪانسٽنٽيس جي پيڙ هئي ۽ کيس سيزر جو لقب پڻ عطا ڪيو ويو تہ جيئن مغربي صوبن جي انتظام سنيالڻ ۾ کيس آساني ٿئي. ان وچ ۾ ڪانسٽنٽيس 357ع ۾ روم گهمڻ ويو ۽ هڪ قديمي چؤڪنڊو پٿر مصر کان کڻائي آيو تہ جيئن پنهنجي روم جي دؤري کي ان ذريعي يادگار بنائي سگهي. ان کان پوءِ هن ڪيترن ئي فتنن فسادن کي، دنيوب کان پار وارن علاقن ۾ ڪچليو ۽ اُنهن کي ختر ڪرايو جيڪي سرمانيا جي جنگ جي نالي سان مشهور ٿيا. ان دؤران، فارس وارن ساپور II جي سربراهيءَ ۾ آرمينيا ۽ ميسوپوٽيميا تي پنهنجي دعويٰ رکي ۽ گال تي فرئنڪن ۽ اليماني قبيلن حملو ڪيو. جُوليَن، جرمن قبيلن کي پنهنجين حدن مان تڙي پڃايو ۽ گال جي شهرن کي بہ واپس موتايو.

باب - ويهون

ڪانسٽنٽائين جي مذهبي تبديلي، انجو واڌارو ۽ اثر، قانوني سرشتو ۽ عيسائي يا ڪٿولڪ ڪليسا جو آئين.

عوامي سطح تي عيسائيت جي تاثر ٽيڻ کي هڪ بيحد اهم ۽ مقامي قسم جو انقلاب چئي سگهجي ٿو جنهن هڪ دلچسپ جستجو لاءِ ماٿن ۾ هڪ جوش جاڳائي ڇڏيو آهي ۽ کين مانائتين هدايتن لاءِ موقعا ڏنا آهن. يورپ وارن کي ڪانسٽنٽائن جي سوين يا شهري پاليسيءَ هرگز متاثر نه ڪيو هو پر ان شهنشاهه جڏهن نئون مذهب اختيار ڪيو تہ انجا اثر ايڏا تائين بہ ڏرتيءَ جي گولي جي گهٽي پاڻي تائين محسوس ڪري سگهجن ٿا ۽ سندس حڪومت جي دؤر جا ڪليسائي ادارا ايڏا تائين پنهنجن خيالن، نظرين، جذبن ۽ موجوده نسل جي دلچسپين جي هڪ اَٽوٽ سلسلي ۾ هڪ ٻئي سان واڳيل ۽ لاڳاپيل آهن.

هن موضوع تي غور ڪرڻ ۾ غير جانبداريءَ کان ڪم ونڊو پوندو، پر ساڳي وقت ان ۾ غفلت ۽ لاپرواهيءَ کي بلڪل ڇڏڻو پوندو ڇو تہ هن سلسلي ۾ اوچتو ئي اوچتو هڪ مشڪل ۽ غير متوقع مسئلو پيدا ٿي پيو آهي جيڪو ڪانسٽنٽائن جي مذهبي تبديليءَ جي صحيح ۽ اصلي تاريخ کي طئي ڪرڻ جي سلسلي ۾ آهي. فصاحت بلاغت جو صاحب لئڪٽينٽيس پنهنجي ايوان جي وچ ۾ ويهي بيصبريءَ مان [1] دنيا تي گال جي حاڪر جو شاندار مثال تہ ڏهرائي جنهن پنهنجي حڪومت جي پهرين ساعتن ۾ ئي هڪڙي ۽ فقط هڪڙي واحد ۽ جڳ جي خلقڻهار رب تعالىٰ جي عظمتن کي مڃيو، ساراهيو ۽ پوڄيو هو. [2] ڏاهي ۽ ڄاڻو شخص يوسيبيس، ڪانسٽنٽائن جي مذهب کي هڪ معجزاتي نشانيءَ سان منسوب ڪيو آهي جيڪا ان وقت بهشت ۾ ظاهر ٿي هئي جڏهن هو اڪلي جي جنگي معرڪي بابت گُوڙهي سوچ ۾ ٻڏل هو. [3] تاريخدان زوسيمس بدنيتيءَ مان ٻڌائي ٿو تہ شهنشاهه پنهنجا هٿ، روم جي ديوتائن تورِي پنهنجن ابن ڏاڏن کان هميشہ واسطي جدا ٿيڻ جي اعلان ڪرڻ کان اڳ، پنهنجي وڏي پٽ جي قتل ڪرڻ سان داغدار ڪيا هيا. متضاد سنڊن منجهان جيڪو مونجهارو پيدا ٿيو آهي، تہ ان جي ذميواري بہ حقيقت ۾ ڪانسٽنٽائن جي پنهنجي ئي روَيي تي عائد ٿئي ٿي. ڪليسائي زبان جي سختيءَ موجب، عيسائين جي شهنشاهن منجهان جيڪو پهريون هيو، ان پنهنجي نالي کي پنهنجي مرڻ تائين بہ لڄايو هو: ڇو تہ ڪيس، سندس زندگيءَ جي آخري بيماريءَ ۾، عيسائيت جا بنيادي اُصول عقيدا ۽ قانون قاعدا سيکاريا ويا هيا، سندس هٿن کي روڪيو ويو. [5] ڪيس پاڪ غسل ڏياريو ويو ۽ انڪانپوءِ ئي سندس نالي کي مذهبي عقيدتمندن ۾ شامل ڪيو ويو هو. [6] ڪانسٽنٽائن جي عيسائيت جي بي ترتيبيءَ جي روَين کي ڪجهہ رعايت ڏيڻي پوندي ۽ سندس ڪاهلي ۽ اڻ محسوس ٽينڊڙ اڌنگي روَيي کي بہ ڏسڻو پوندو ڇو تہ هن پاڻ کي نئون مذهب اختيار ڪندڙ ۽ ڪليسا جي محافظ طور ظاهر ڪيو هو. سندس عادتن کي منڍائڻ ۽ سندس سکيا جون ڪدورتون ۽ تعصب دور ڪرڻ هڪ سخت ڏکيو ڪم هو: ۽ ساڳي وقت حضرت عيسىٰ (ع- س) جي خدائي طاقت ۾ يقين رکڻ ۽ سندس طرفان ائين سمجهڻ تہ پيغمبر جي الهامي سچائي ديوتائن جي عبادت جي تضاد ۾ هئي، اهي ڳالهيون في الحال هنجي طبيعت جي قبول ڪرڻ جهڙيون نہ هيون. جيڪي رڪاوٽون ۽

مشڪلاتون هن پنهنجي عقل موجب سمجهيون هيون تہ اُنهن جي روشنيءَ ۾ هاڻي هن دل ۾ فيصلو ڪيو تہ قومي مذهب طرف وڃڻ ۽ ان کي قبول ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪيس بيحد احتياط ڪرڻو پوندو: ان سوچَ ۽ فڪر ۾ هن مذهب جي سلسلي ۾ ڪجهہ نوان لاڙا ۽ رُخَ ڳولي ورتا ۽ هاڻي ان موقعي جي تلاش ۾ هو تہ پنهنجين نَئين تجويزن کي ڪهڙيءَ طرح هو ڪاميابيءَ ۽ اثرائتي نموني سان ماڻهن ۾ رائج ڪري. سندس حڪومت جي پوري دؤر ۾، عيسائيت جي لهرن جو وهڪرو سهڻي نموني ۽ تيز رفتاريءَ سان هليو. پر ان جي رُخَ کي ڪڏهن ڪٽي موڙيو ٽي ويو تہ ڪٽي حالتن پٽاندر وري ان کي شهنشاهہ جي دوراندیشي يا سندس غير يقيني طبيعت موجب، روڪيو ٽي ويو. سندس وزيرن کي اها اجازت مليل هئي تہ هو پلي پنهنجي مالڪ جي ارادن بابت مختلف هولين ۾ ماڻهن وٽ ان جي مشهوري ڪن پر اهڙيءَ طرح جيڪا سندس طبيعتن ۽ اصولن بابت درست هجي: [7] ۽ هن وڏي ڇالاڪيءَ مان پنهنجي رعيت جي اُميدن ۽ خوفن خطرن جي وچ ۾ توازن پيدا ڪرڻ بابت ہ فرمان جاري ڪيا: پهريون حڪم آڇر [8] جي ڏينهن کي عزت ۽ احترام سان ملهائجڻ جي باري ۾، ۽ ٻيو مذهبي پادرين [9] سان دائمي مشورن ڪرڻ بابت هيو. هڪ طرف هيءَ انقلابي تبديلي ايڏا پوريءَ طرح عمل ۾ نہ آئي هئي تہ ٻي طرف وري ٻئي ڏريون يعني عيسائي ۽ لادين وڏي تجسُس ۽ انتظار مان پنهنجي حڪم جي روَين جو جائزو وٺي رهيا هيا جنهن ۾ ٻنهي جي جذبن ۽ نقطئہ نظر ۾ وڏو تضاد هو. پهرئين طبقي وارا هر ڳالهہ کي جذباتيت ۽ ڪجهہ فخر واري نظر سان ڏسڻ جا عادي هيا ۽ پنهنجي مالڪ جي تورڙي مهرباني‌ءَ کي ہ وڏائي پيش ڪندا هيا ۽ مذهب جي مضبوطي ۽ استحڪام لاءِ شاهديون گڏ ڪري اُنهن تي پيا خوش ٿيندا هيا. جڏهن تہ پويان، جيستائين سندن شڪ ۽ گمان نااُميدي ۽ ناراضگيءَ ۾ بدلجي وڃن، ان کوشش ۾ لڳي ويا تہ ڪنهن ہ طرح سان دنيا وارن کان ۽ خود پنهنجي پاڻ کان ہ في الحال اها ڳالهہ لڪائجي تہ روم جا ديوتا، روم جي شهنشاهہ کي هاڻي پنهنجي پوئلڳن يا عقيدتمندن منجهان هرگز نٿا سمجهن. اهڙن ٻئي قسم جي جذبن ۽ تعصبن ان وقت جي جانبدار ليڪڪن جو توجهہ مسلسل ٻئي ڇڪرايو آهي جن عيسائيت جي انساني ڪارج لاءِ، ڪانسٽنٽائن جي حڪومت جي دؤر کي هڪڙي طبقي يا تہ تمام شاندار سڏيو آهي تہ اُتي ٻئي وري ٻي طبقي ان کي انتهائي ذلت وارو دؤر ڪوٺيو آهي.

ڪانسٽنٽائن جي قول توڙي فعل مان عيسائين جي نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ جا جيڪي ہ اُهجاڻ يا نشانيون هجن، پر هو پنهنجن چاليهن سالن جي ڇمار تائين مجيل مذهب جو پوئلڳ رهيو: [10] ۽ سندس نڪوميديا جي محل ۾ ہ سندس ساڻيو روَيو، جيڪو ممڪن آهي ڪنهن خوف سبب ہ رهيو هجي، گال جي حاڪر جو احسانمند هيو ۽ تہ شهنشاهہ ڪائنس بيحد متاثر رهيو هو. سندس فياضي ۽ فراخدليءَ سبب ديوتائن جي مندرن ۾ وري رونقون موٽي آيون ۽ اُهي آباد ٿي ويا: جيڪي تمغا شاهي خزاني مان ڏهي نڪتا هيا، اُنهن تي جو پيٽر ۽ اپولو، مارس ۽ هرڪيولس جون وصفون ۽ تصويرون اُڪريل هيون: ۽ سندس رشتن کي سجاڻڻ واري ساڃاهہ، اولمپس جي سائين ۽ سنگتين جي رونق کي وڌائي ڇڏيو هو ۽ تہ هو پنهنجي پيءُ ڪانسٽنٽيَس جي تعريف ۽ توصيف ۾ مصروف هو. [11] ۽ ڪانسٽنٽائن جي عقيدت خاص طرح سان سِج ديوتا جي ڏهانت طرف زياده جُهڪيل هئي يعني يوناني ۽ رومي مذهب جو اپولو ڏي ڏيان زياده هو ۽ ڪيس ان ڳالهہ جي گهٽي خوشي هئي تہ سندس نمائندگي روشني ۽ شاعريءَ جي خدا ذريعي ڪئي

پئي وئي. ان ديوتا جي خوبصورت جسماني بناوٽ، سندس اکين جي چمڪ، سندس ڳلن جهڙو سهڻو جوڙجڪ، لازوال حسن ۽ تمام شاندار ڪارناما سپيئي خوبيون گڏجي هنکي هڪ نوجوان ۽ حسين سورمي جو روپ عطا ڪن ٿيون. اپولو جا قربانگاهه، ڪانسٽنٽائن جي باسن، سُکائن ۽ تمنائن جي تاجن سان سينگاريل هوندا هيا ۽ سادن ۽ پورڙن ماٿهن کي يقين ڏيارڻ جي ترغيب ڏني ويندي هئي ته شهنشاهه کي سرپرست ديوتا جي اصلي شان شوڪت کي ظاهري اکين سان ڏسڻ ۽ ديدار ڪرڻ جي اجازت مليل هئي، ۽ جاڳ ۾ توڙي نِند يا خوابن ۾ ڪيس ڳجهيءَ طرح بشارت ڏني وئي هئي ته سندس حڪومت جو دؤر ڊگهو ۽ بيحد ڪامياب هوندو. سڄ جي آفاقي طرح پرستش ڪئي ويندي هئي ته اهو ڪانسٽنٽائن جو اَڄيت رهبر ۽ سندس مضبوط محافظ هو، ۽ لادين شايد اها اُميد رکڻ ۾ حق تي هيا ته جنهن ديوتا جي بيعزتي ڪئي وئي هئي ته هو پنهنجي پسنديده ماڻهوءَ کان جيڪو هاڻي نافرمان ۽ احسان فراموش ٿي ويو هو، [12] ان کان بيرحميءَ وارو بدلو ونندو.

جيستائين ڪانسٽنٽائن گال جي صوبن تي پنهنجي اختيارن کي محدود دائرن ۾ رهڻ ڏنو ته سندس رعيت جا عيسائي شهنشاهه جي اختيارن توڙي قانون ذريعي محفوظ هيا پو ته هن سياٽپ ۽ عقلمنديءَ سان ديوتائن کي چڏي ڏنو ته هو پنهنجي عزت ۽ وقار جي حفاظت پاڻ ڪن. جيڪڏهن اسان ڪانسٽنٽائن جي خود پنهنجي چوڌ تي ويساهه ڪريون ته حقيقت اها آهي ته هو خود پي اُنهن وحشيائن ظلمن جو سخت ناراض تماشبين هو جيڪو روم جا سپاهي، ماٿهن مٽان فقط انڪري ڪندا هيا جو سواءِ مذهب اختيار ڪرڻ جي اُنهن جو ٻيو ڪو به قصور ڪونه هو. [13] اوپر ۾ توڙي اولهه ۾، هن سختي جا توڙي مهربانين جا اثر ڏنا ويا هيا ۽ جيئن ته پهريون، گئلريَس جي مثال ۾ اجا به وڌيڪ نفرت ۽ حقارت جي قابل ٿي ويو هو جيڪو سندس جاني دشمن هو، ۽ پويون اختيار ڪرڻ ۽ ڪاپي ڪرڻ وٽان هو پو ته اها ئي سندس پيءُ پنهنجي مرڻ وقت ڪيس نصيحت به ڪئي هئي ته ان کي اختيار ڪرڻ جو زور پڻ پريو هو. ڪانسٽنٽيَس جي پٽ، اذيتن ۽ عذابن وارا سيئي فرمان يا ته واپس ونڊي چڏيا يا بنهه ختم ڪري چڏيا ۽ مذهب جي عبادتن ۽ ريتن رسمن کي ادا ڪرڻ جي سيني کي پوري آزادي ڏئي چڏي ۽ خاص طرح اُنهن کي جن پاڻ کي ڪليسا جو باقاعدي ميمبر ناهي چڏيو هو. کين فورن همٿايو ويو ته هو پلي پنهنجي حاڪم جي مهربانين ۽ سندس انصاف لاءِ هميشه اُميدوار رهن جنهن پنهنجي دل اندر حضرت عيسيٰ (ع - س) جي لاءِ بيحد احترام جي جذبي کي جڳهه ڏني هئي جيڪو عيسائين جو خدا هيو. [14]

اڳلي جي فتح کان پنج مهينا پوءِ، شهنشاهه پنهنجن جذبن ۽ ارادن جو هڪ مانائتو ۽ مستند اعلان ڪيو جنهن کي مِلن جي فرمان جو نالو ڏنو ويو ۽ جنهن ذريعي ڪٿولڪ ڪليسا ۾ امن امان قائم ٿيو: ٻن مغربي شهزادن کي ذاتي انٽرويو ڏيندي شهنشاهه ڪانسٽنٽائن، پنهنجي ذهانت ۽ اختيارن ذريعي، پنهنجي دوست ۽ سائيءَ کي پاڻ سان همراهه ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ هاڻي ٻنهي جي ايڪي ۽ اختيارن مڪسيمن جي ڪاوڙ جي زهر کي ماٺارو ڪري چڏيو، ۽ اوپر جي آمر جي موت ڪانپوءِ، * مِلن جو فرمان روم جي دنيا جي بنيادي قانون طور تسليم ڪيو ويو. [15] ٻنهي شهنشاهن پنهنجين دانشمندين ذريعي شهري توڙي مذهبي حقن جي حفاظت جي سلسلي ۾ آئين کي ترتيب ڏنو ۽ اهڙيءَ طرح عيسائين کي به شايد پهريون پيرو بنيادي انساني حقَ ڏنا ويا جن کان هن وقت تائين

ناجائز روَيي سان کين محروم کيو ويو هو. اهو قانون ناهيو ويو ته سندن عبادت جون جڳهون، ۽ ماٹھن جو زمينون جيڪي کانئن ضبط ڪري کسيون ويون هيون، اُهي بغير کنهن جهڳڙي جي، بنادير ۽ بغير معاوضي وٺڻ جي چرچ کي واپس ڏنيون وڃن. ۽ هنن سخت هدايتن کي ايا ۾ هڪ وڏيڪ مانائتي واعدي ذريعي وڏيڪ تحفظ ڏنو ويو هو ته جيڪڏهن اُهي زمينون کن ماٹھن وڏيون ۽ وڏيڪ رقمون ڏئي خريد کيون هجن ته ان جو معاوضو شاهي خزانو پاڻ پريندو ۽ ملکيت جي حفاظت جي ضمانت پڻ ڏيندو. هي صحتمند قانون جيڪي ايندڙ وقت ۾ مذهبي ماٹھن جي حفاظت ڪندا ۽ سيني جي لاءِ خوشي ۽ سڪ سلامتيءَ جي ضمانت ڏيندا. ماٹھن جي پلائيءَ ۽ هڪ ٻئي جي ۽ هڪ جيتري سهَپ ۽ برداشت جي اصولن کي نظر ۾ رکندي ناهيا ويا آهن ۽ اهڙي برابريءَ جي قانون کي اُميد ته نئين فرقي طرفان پسند کيو ويندو ڇو ته اُهو اُنهن جي لاءِ نه رڳو فائديمند آهي پر عزت واري انفراديت ڏيندڙ پڻ آهي. ۽ شهنشاهه، تنهنکري سڄي دنيا تي واضح ڪرڻ تا چاهن ته اُنهن عيسائين کي مڪمل آزادي ۽ پورا اختيار ڏئي ڇڏيا آهن ۽ اهڙيءَ طرح ٻين سيني ماٹھن ۽ فرقن کي ۾ اوتري آزادي ۽ اوترائي اختيار حاصل آهن ته جيئن اُهي پنهنجي مذهب اختيار ڪرڻ ۽ ريتن رسمن کي ملهائڻ ۾ بلڪل آزاد هجن: جنهن کي جيئن وٹي ته پنهنجي پسند جو فرقو يا مذهب اختيار ڪري ۽ جيئن ۾ دماغ ۽ دل سندس رهبري کن ته ان مطابق هر فرقي ۽ هر مذهب جو ماٹھو بلڪل آزاد ۽ خود مختيار آهي. ٻئي شهنشاهه هر مشڪوڪ لفظ کي کولي ان جي وضاحت کن تا ۽ هر مونجهاري کي دور کن تا ۽ صوبن جي گورنرن کان سخت واعدا وَڃن وٹن تا ته سؤلن فرمانن کي ڇاٹي ٻجهي مشڪل نه بٹايو ويندو ۽ اُنهن فرمانن جي اصلي سؤلي ۽ سنئين سِڌي مطلب ۽ مفهوم مطابق عمل کيو ويندو جن جو مقصد فقط اهو هو ته مذهبي عبادتن جي سلسلي ۾ ماٹھن کي مڪمل آزاد بنايو وڃي ته ساڳي وقت اهڙن فرقن ۽ مذهب جي پرستارن جي پوريءَ طرح حفاظت ۾ ڪئي وڃي. اُنهن مهرباني ڪندي ۽ وزندار ۽ موثر سبب ۾ ڇاڻايا ته هنن هِن آفاقي سهَپ ۽ برداشت کي پنهنجين شهنشاهتن ۾ ڇو لاڳو کيو هو: هڪ ته انسانيت جي تقاضا اها هئي ته ماٹھن جي بنيادي حقَ يعني اُنهن جي لاءِ امن امان جي ضمانت ڏيڻ ۽ کين خوشيون ۽ آرام پهچائڻ سندن نيت ۽ ارادو هو. ۽ ٻيو سندن هڪ پاڪ صاف ارادو ۽ اُميد هئي ته ائين ڪرڻ سان هو عجز ۽ آزيءَ سان پنهنجي عظيم خالق کي ۾ راضي ڪري ويندا جنهن جي دائمي رهائش گاهه جنت ۾ آهي. اُهي اُنهن واضح ثابتين لاءِ، پنهنجي طرفان احسانمنديءَ جو اظهار کن تا جيڪي ربي مهربانين ذريعي کين مليون آهن ۽ کين ڪامل يقين آهي ته ڏٹي تعالىٰ هميشه لاءِ شهنشاهن توڙي ماٹھن جي بهبود، بهتري ۽ خوشحاليءَ لاءِ ائين ئي پنهنجين مهربانين ۽ عنايتن کي جاري رکيون ايندو جيئن اڳ ۽ هِن وقت تائين مهربان رهيو آهي. نيڪيءَ جي اهڙن اجاين. مُنجهيل ۽ اٹڇنڊ اظهارن تي انومان يا مطلب ڪڍي سگهجن تا. جيڪي مختلف ضرور آهن پر متضاد هرگز ناهن. ڪانسٹنٹائن جو دماغ، لامذهب ۽ عيسائي مذهب جي وچ ۾ ٻڏتر جو شڪار ٿيو هوندو. گهٹن خدائن جي فراخدليءَ واري مجتا موجب، هن عيسائين جو خدا به گهٹن خدائن منجهان شايد ڪو هڪڙو سمجهيو هوندو جيڪي بهشت ۾ پنهنجي پنهنجي حيثيت مطابق رهن تا. يا، هُن ممڪن آهي ته هڪ فيلسوفياٹو ۽ اندر ۾ بهاري ڏيندڙ نظريو قبول کيو هجي ته، نالن، ريتن رسمن، خيالن توڙي نظرين جي جدا جدا

. هجڻ جي باوجود، انسانذات جا سيئي فرقا، سيئي مذهب توڙي سيئي قومون فقط ۽ فقط هڪڙي ئي خالق، هڪڙي ئي رب تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ تي متفق آهن جيڪو سڀني جهانن ۽ سڀني ڪائنات جو خلقيندڙ آهي. [16]

شهزادن جا صلاحڪار گهٽو ڪري باطني نظرين يا فرضي ۽ ڏورانهين سڃ تي غور ڪرڻ بدران ظاهري ۽ دنياوي فائدن کان گهٽا متاثر ٿيندا آهن ۽ سدائين اهڙين سوچن ۾ مبتلا رهندا آهن. ڪانسٽنٽائن جي هڪ طرفي ۽ وڏندڙ مهرباني فطري طور تي عيسائين جي اخلاقي ڪردار طرف هئي جو ته هو ڪائنس ڪافي متاثر ٿي نظر آيو ۽ ڪيس يقين هو ته حضرت عيسيٰ (ع - س) جي تعليم جو پرچار ذاتي توڙي قومي، اخلاق ۽ نيڪين جي واڌاري ۾ مددگار ثابت ٿيندو. هڪ پورو با اختيار حاڪم پنهنجي رڄي ۾ پلي ڪيتري به نرميءَ جو مظاهرو ڪري، يا پنهنجين مهربانين ۽ نيڪ جذبن جو ڪيڏو به اظهار ڇو نه ڪري، پر سڀ کان اوليت هن جي لاءِ اها هوندي ته سندس رعيت جا سڀئي ماڻهو ملڪ ۽ سوسائٽيءَ جا جيڪي لازمي ۽ فطري فرض آهن اُنهن تي عمل ڪن، ۽ اُنهن جو پورو پورو احترام ڪن. پر بدقسمتيءَ سان وڏي دانائيءَ وارن قانونن تي به عمل ڪرائڻ ڪڏهن ڪڏهن اٽپورو ۽ خطرناڪ هوندو آهي. جيئن ته اُهي نيڪيءَ طرف راغب نه هوندا آهن ته برائيءَ کي روڪي به نه سگهندا آهن، سندن اختيار اُنهن براين کي روڪڻ لاءِ ناڪافي هوندا آهن جن جي هو مذمت ڪندا آهن ۽ نه وري اُنهن عملن تي هو سزا ڏئي سگهندا آهن جن جي هنن جي طرفان منع ڪيل هوندي آهي. قديمي قانوندانن هڪ پيري تعليم ۽ خيالن جي طاقتن کي پنهنجي مدد لاءِ سڏيو هو. پر هر اُن اصول جي لاڻ، جنهن روم ۽ اسپارٽا جي فطري جذبي ۽ اصليت کي نڀ حالت ۾ محفوظ رکيو هو، هڪ زوال پذير ۽ آمريت واري شهنشاهت ۾، ڪڏهڪي وسامي ڇڪي هئي. فلسفي کي ماڻهن اڃا به قدر جي نگاهه مان ٿي ڏٺو جنهن جو مٿن ڪافي اثر محسوس ڪيو ٿي ويو پر نيڪي ۽ اخلاق جي قدرن جي پٽيرائي انتهائي ڪمزوريءَ واري هئي ۽ وري خاص طرح لادينن جي وهمن وسوسن اڳيان ته ڇڻ انهن قدرن جي ڪا حيثيت ئي ڪانه هئي، اهڙين ابتريءَ وارين حالتن ۾، هڪ دوراندیش مئجسٽريٽ شايد خوشيءَ مان ان ڳالهه جو اظهار ڪري ها ته مذهب جي رفتار ترقيءَ واري هئي جنهن ماڻهن ۾ اخلاق جا صاف، نرمي ۽ مهرباني وارا ۽ آفاقي قدر عام ٿي ڪيا جيڪي زندگيءَ جي مختلف ضرورتن ۽ حالتن سان نهڪندڙ هيا ۽ اُنهن قدرن رب العزت جي مرضي، منشا ۽ منطق جي به ترجماني ٿي ڪئي ۽ جن کي دائمي انعامن توڙي سزائن ڏيڻ جي منظوري به مليل هئي. يوناني توڙي رومي تاريخ جي تجربي دنيا وارن کي شايد ايترو به نه ٻڌائي سگهيو ته قومي رهٽي ڪهٽي ۽ طور طريقن جي سرشتي کي ڪهڙي طرح سڌاري ۽ ان ۾ خدائي الهام ذريعي بهتري آڻي سگهبي آهي ۽ ڪانسٽنٽائن شايد لئڪٽنٽيس جي خوش ڪندڙ ۾ جائز يقين ڏيارڻ جي اعلان کي پڪ سان ٻڌي ورتو هو. فصاحت بلاغت وارو دفاع ڪندڙ يقيني اُميد ۽ جرئت واري اعتماد سان ڇڻي رهيو هو ته عيسائيت جي قائر ٿيڻ سان اوائلي دؤر واري معصوميت، سڪون ۽ خوشي موڻي ايندي ۽ حقيقي خالق جي عبادت سان اُنهن سڀني انسانن جا فتنا، فساد ۽ جنگيون جهيڙا خود بخود ختر ٿي ويندا ڇو ته هو سيئي ساڳئي ماءُ پيءُ جو اولاد آهن؛ ۽ جڏهن اهڙو دؤر آيو ته پوءِ هر ناپاڪ خواهش توڙي ناراضگيون فتني فساد جا فضول جذبا حضرت عيسيٰ (ع - س) جي تعليمي ۽ علمي ڄاڻ ذريعي رڪجي ويندا ۽ اُنهن جو زور ٽٽي

چکو هوندو. ۽ اهڙي خوشگوار ماحول ۾ مئجسٽريٽ پڻ ماٹھن ۾ ويهي انصاف جي ترار کي مياڻ ۾ وجهندا ڇاکاڻ ته هر طرف سچ، نيڪي، انصاف، اعتدال پسندي، هڪ ٻئي سان ميل ملاقاتون ۽ آفاقي محبتن جو چرچو ۽ ميلو متل هوندو. [17]

مائيڪي ۽ چپ چاپ واري فرمانبرداري جيڪا يا ته اختيارن يا وري ظلم آڏو جُهڪندي آهي، هڪ سخت طاقتور آمَر جي نظرن ۾، عيسائيت جي نيڪين منجهان هڪ تمام اهم ۽ نهايت ئي فائدي واري خاصيت نظر آئي هوندي. [18] اوائلي وقت جي عيسائين شهري حڪومت جي اداري جو جوڙجڪ، ماٹھن جي مرضي يا راءِ جي بنيادن تي نه پر جنت جي فرمانن مطابق رکيو هو. حڪومت کندڙ شهنشاهه، توڙي جو غداري ۽ قتل ذريعي هن حڪومت تي زوريءَ قبضو کيو هو، بنادير پنهنجي معبود جي نائب جي حيثيت ۾ پنهنجو مقدس عهدو سنيالي ورتو هو. هو پنهنجي ڪمن يا ڪارگذارين جي سلسلي ۾ فقط پنهنجي معبود آڏو سڏو سنئون جوابدهه هو ۽ سندس رعيت جا ماٹھو، پنهنجي وفاداريءَ جي وچنَ ذريعي، هڪڙي ئي آواز سان آمر آڏو پابند ۽ حڪم جا بندا هيا جنهن قدرت، فطرت ۽ سوسائٽيءَ جي هر قانون کي هر وقت پئي ٽوڙيو هو يا ان جي حيثيت کي بنهه تسليم ئي نه ڪيو هو. ويچارا عيسائي هن دنيا ۾ ائين موڪليا ويا هيا جيئن کا رِڏَ بگهڙن جي هٿ اچي وجي، ۽ جيئن ته کين اها اجازت هرگز نه ڏني وئي هئي ته هُو ڪابه زور آزمائي ڪري سگهن يا پنهنجي مذهب جي بچاءِ ڪرڻ جي سلسلي ۾، ضرورت پوڻ تي به، طاقت جو استعمال ڪري سگهن: ۽ جيڪڏهن ڪٽي، خدانخواسته ڪائٽن پنهنجن عزيزن يا رشتيدارن جو، ڪن حقن جي سلسلي ۾ يا هن عارضي دنيا جي ملڪيتن جي دعويداري جي نسبت سان ڪو خون يا قتل ٿي پوي ها ته کين وڏي ۾ وڏو ڏوهاري سمجهيو وجي ها ۽ سندن عذابن جو سلسلو جاري ٿي وجي ها. حوارين * جي اصولن جي پابندي ڪندي، جن نيرو جي دوُر ۾ غير مشروط فرمانبرداريءَ جي ڏيوٽي ڏيڻ جي تبليغ ڪئي هئي، پهريُن ٽن صدين جي عيسائين پنهنجي ضمير جي سچائي صفائيءَ کي محفوظ رکيو هو، جيڪا معصوم هئي ۽ جنهن ۾ خطائن، مخفي سازشن يا ڪُليل جهگڙن ۽ فسادن جي ڪا گنجائش ڪانه هئي. جڏهن اُهي اذيتن جي سختين منجهان گذري رهيا هيا ته پي هنن کي ڪڏهن به غصو يا تاءُ نه آيو ته وجي آمر سان وڙهن يا مقابلو ڪن يا گهٽ ۾ گهٽ پاڻ اُتان لڏي وڃن ۽ دنيا جي ڪنهن ڪُنڊائتي ۽ ڪٽيل جڳهه تي وجي پنهنجي رهائش اختيار ڪن. [19] فرانس، جرمني ۽ برطانيه جي پروٽيسٽنٽ طبقي، + جن وڏي دليري ۽ جرئتمنديءَ سان پنهنجي شهري توڙي مذهبي آزاديءَ جي حفاظت ڪئي هئي، جِي، اوائلي ۽ تهذيب يافته عيسائين [20] جي طنزيه پيٽ ڪندي سندن بيعزتي ڪئي وئي آهي. شايد، بجاءِ نِندڻ جي، اسان پنهنجن ابن ڏاڏن جي دوراندیشي واري متاهين سوچَ ۽ ساراهه جوگن جذبن تي کين داد ڏيون، جن پنهنجي پاڻ کي ان ڳالهه جو يقيني قائل ڪري چڏيو هو ته مذهب، انساني فطرت جي اُٽوٽ حقن کي، ڪڏهن به ۽ ڪنهن به صورت ۾، ختر نٽو ڪري سگهي. [21] اوائلي چرچ جي صبر ۽ سندس نيڪين کي به شايد انجي ڪمزوري سمجهيو ويندو هو. هڪ اهڙو پُرامن فرقو جيڪو مسڪين عوام تي مشتمل هو، جن وٽ نه ليدر هيا، نه جنگي سامان، نه حفاظت لاءِ قلعا ۽ نه ٻيو ڪو بچاءَ جو سامان وٽن هو، ته اهڙي صورتحال ۾ هٽين خالي جڏهن اُنهن روم جي فوج جو اجايو ۽ فضول مقابلو ڪيو هوندو ته تباهي ته پوءِ يقيني طور تي سندن مقدر ۾ لکجي چڪي هوندي. پر عيسائين، جڏهن ڊائڪليشين جِي، سندن خلاف ناراضگيءَ کي ناپسند ڪيو يا ڪانسٽئنٽائن جي مهربانين وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، ته اهو الزام سچ

۽ اعتماد سان هٽي ٿي سگهيا تہ اُهي ماڻ ميڙ ۽ بردباريءَ واري فرمانبرداري ڪري سگهيا آهن ۽ گذريل ٽن صدين کان وڌي سندن روّيو هميشہ هنجي اصولن سان مطابقت رکندڙ رهيو آهي. هن سلسلي ۾ هو وڌيڪ اهو چوڻ چاهيندا تہ جيڪڏهن سندن رعيت جا اُهي ماڻهو عيسائي مذهب اختيار ڪندي اهو سِکن ۽ عزم ڪن تہ اُهي صبر سان سختيون سهندا ۽ حاڪر جو هر حڪم مڃيندا تہ پوءِ شهنشاهن جي تخت کي نہ لرزو ايندو نہ لوڏو. پر اُهو دائمي طرح قائم رهندو.

قدرت جي عام دستور موجب، شهنشاهن توڙي آمرن، کي جنت جا داروغا چيو وڃي ٿو جن کي رڳو حڪم هلائڻ ۽ هن سرزمين جي قومن کي سزائون ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيو وڃي ٿو. پر اُها تاريخ جيڪا پاڪ صاف ۽ بيداغ آهي ان ۾ قدرت طرفان وقت پوڻ تي ڪجهہ ماڻهن جي حڪومتن ۾ مداخلت ڪرڻ جا روشن مثال پڻ موجود آهن. لڪ يا عصا ۽ ترار حضرت موسيٰ (ع - س) جوشُئا، گِدئن، حضرت دائود (ع - س) مڪابيس (هودي خاندان) جي هٿن جي زينت هيا ۽ اُنهن ئي عظيم سپوتن جون نيڪيون ۽ ڪارناما، ربي مهربانين جو سبب ۽ مقصد هيا ۽ سندن هٿيارن ذريعي اُنهن جي ڪاميابي فقط ڪليسا کي سوپ ڏيارڻ يا انجي نجات حاصل ڪرڻ لاءِ هئي. جيڪڏهن اسرائيل جا جج موقعي جي مناسبت سان يا عارضي قسر جا مُجسّريٽ هيا، جُوڊا جي بادشاهن پنهنجن اولاني ابن ڏاڏن کان شاهاڻي مزاج جي نرمي ۽ دلپذيري ذريعي پنهنجا موروثي ۽ آئمٽ حق حاصل ڪري ڇڏيا هيا جنکي سندن ڪُٽن کمن جي باوجود بہ ختر يا ضبط نہ پيو ڪري سگهجي ۽ نہ وري سندن رعيت جي ماڻهن جي مرضي يا مزاج جي لاهن چاڙهن سان اُهي خاص رعايتون واپس ٿي ڀڻي سگهيون. ساڳي مثاهين قدرتي طاقت، جيڪا فقط يهودين تائين محدود نہ هئي، ممڪن هو تہ ڪانسٽنٽائن ۽ سندس خاندان کي پوري عيسائي دنيا جو محافظ بنائي ڇڏي، پر ان وچ ۾ عقيدتمند لئڪٽينٽيَس پنهنجي پيغمبري واري آواز ۽ لهجي ۾ پنهنجي طويل ۽ آفاقي حڪومت جو اعلان ڪري ٿو.[22] گئلريَس ۽ مئڪسيمن، مئڪسينٽيَس ۽ لسينيَس هڪ ٻئي جا دشمن هيا جن جنت جي هڪ پسنديده شخصيت سان، شهنشاهت جي صوبن جي حڪومت گڏجي ڪئي هئي. گئلريَس ۽ مئڪسيمن جي دردناڪ موتن ڪاوڙ ۽ غصي جي ماحول کي ڪجهہ لڏو ڪيو ۽ عيسائين جي جائز اُميدن کي پوري ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. ڪانسٽنٽائن جي مئڪسينٽيَس ۽ لسينيَسن خلاف ڪاميابيءَ ۾ خطرناڪ ڇڻا پيٽي ڪندڙن کي هٽائي ڇڏيو جن ايا تائين ٻي دائود جي فتح جي مخالفت ٿي ڪئي ۽ سندس مقصد ڪجهہ اهڙو آهي جو ان ۾ قدرت طرفان مداخلت ڪرڻ جو پورو امڪان موجود آهي. روم جي ظالم آمر جي ڪردار پنهنجي تخت توڙي انساني فطرت کي بہ ڇڻ بيعزت ڪري ڇڏيو هو ۽ توڙي جو عيسائي سندس اهڙين مهربانين منجهان خوش هيا جن تي پروسو ڪرڻ اجايو هو، پر ساڳي وقت هو پڻ، رعيت جي ٻين ماڻهن سميت، سندس بي پروسي طبيعت جي اوڇتن ظلمن کان هميشہ خوف جي ڪيفيت ۾ رهندا هيا. لسينيَس جو ڪردار بہ جلدئي وائکو ٿي پيو جڏهن هن مِلن واري فرمانَ جي انسان دوست نقطن جي حمايت ڪرڻ جو يقين ڏياريو هو پر هاڻي سندس ارادا مختلف ٿي نظر آيا. هن پنهنجي انتظامي حدن اندر صوبائي سطح تي ماڻهن جي ميڙن، ميلن ۽ اجتماعن تي سخت بندش وجهي ڇڏي، هن پنهنجن عيسائي آفيسرن کي ذليل ڪري سندن ڏيوٽين تان هٽائي ڇڏيو ۽ جيڪڏهن هن ماڻهن کي عام اذيتن ۾ مبتلا ڪرڻ جو الزام يا خطرو پنهنجي ڪاتي ۾ وجهڻ نٿي چاهيو تہ اُن سان ايترو فرق انڪري بہ نٿي پيو جو سندس ٻيا ظلر ۽ ماڻهن سان عقوبتون ايتريون تہ وڏي ويون هيون

جن سندن سخت نفرتن کي جنر ڏنو هو چو ته هن هر ان اصول جي پڇڪڙي کئي هئي جنهن جي پابندي کرڻ جو هن وَچن کيو هو. [23] جڏهن ته مشرق تي، يوسيبيئس جي هڪ خوش مزاجيءَ واري اظهار موجب، نه رڳو دوزخي پاڇا چانڀجي ويا هيا پر اُهو انڌارن ۾ غرق ٿيندو نظر اچي رهيو هو. ان جي برعڪس بهشتي روشنيءَ جا سياڳا ڪرڻا، مغربي ملڪن جي صوبن ۾ چوڌاس چاندڻا پکيڙي رهيا هيا. ڪانسٽنٽائن جي چڱاين ۽ نيڪين کي، سندس فوجن جي عدل ۽ انصاف جي هڪ زبردست ثبوت طور تسليم ڪيو ويو. ۽ عيسائين طرفان سندس سوپ جي فائدن جي تصديق ڪئي وئي ته سندن بي مثال سپوت "ميزبانن جي آقا" جي ڪردار کان بيحد متاثر هيو ۽ انڪري ئي شايد سُٺن ۽ سهڻن ڳُڻن طرف مائل هيو. اٽلي جي سوبڙ ڪانپو" ٻيهر سَهَپ ۽ عام برداشت جو هڪ فرمان جاري ڪيو ويو ۽ جيئن ئي لسينيئس جي شڪست هاڻي ڪانسٽنٽائن کي سڄي رومي دنيا جو خود مختيار حاڪر بنائي ڇڏيو هو، ته هن بنادير هر طرف گردش ڪرڻ وارن خطن ذريعي پنهنجي رعيت جي ماڻهن کي هدايتون جاري ڪيون ته سندس چڱاين جي مثال کي رهبر بڻائن ۽ ان تي عمل ڪن ۽ عيسائين جي خدائي سچ کي قبول ڪرڻ ۾ هڪ ساعت جيتري به دير نه ڪن. [24]

اهو يقين ته ڪانسٽنٽائن جي ترقي ربُ العزت جي مرضي ۽ منشا مطابق ئي هئي، عيسائين جي دماغن ۾ ان بابت ٻن نظرين جنر ورتو هو: جنهن مختلف طريقن سان، پيشنگوئيءَ جي پوري ٿيڻ کي تقويت ئي پهچائي، عيسائين طرفان شهنشاهه سان وفاداري ۽ سچائيءَ جي گرمجوشيءَ جي مظاهري کرڻ ۾ هنن کا به ڪَسر پلتي نه ڇڏي هئي ۽ اُنهن کي پورو پورو يقين هو ته سندن خلوص ۽ ڪوششن ۾ کين قدرتي مدد ۽ حمايت ضرور حاصل هوندي ۽ ڪنهن به وقت کين کا معجزاتي مدد ضرور ملندي، ڪانسٽنٽائن جي دشمنن، ڪٽٽولڪ ڪليسا سان سندس اتحاد تي به مٽس ڇڪجهين سازشن جو الزام مڙهيو هو، جنهن جي ڪري کيس واقعي پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي به حاصل ٿي، چوٿين صدي عيسوي جي شروعات ۾ به عيسائين جو تعداد سڄي شهنشاهت ۾ ڪافي گهٽ هو، پر جيڪي فطري طور تي بگڙيل ماڻهو هيا، جن مالڪن يا شهنشاهن جي تبديليءَ کي غلامن واري لاپرواهيءَ سان ٿي ڏٺو، پر هڪ مذهبي فرقي جي جوش جذبي ۽ ايڪي سندن دل گهريئي سياسي رهبر جي مدد ٿي ڪئي ۽ پنهنجي ضمير جي چوڻ تي، اُنهن پنهنجون زندگيون ۽ پنهنجا مقدر سندس خدمت ۾ رکي ڇڏيا هيا ۽ سندن پوري مايا مُوڙي کيس ئي ادبي ڇڏي هئي. [25] سندس پيءُ جي مثال کانسٽنٽائن کي هدايت ڪئي هئي ته عيسائين جي عزت ڪري ۽ انهن جو قدر به ڪري ۽ کين انعامن اڪرامن سان به نوازي، اهڙيءَ طرح عهدن جي ورهاست ۾، کيس هڪ موقعو ملیو هو ته پنهنجي انتظاميه کي وزيرن ۽ جنرلن جي بهتر چونڊ ذريعي مضبوط بنائي چو ته اُنهن جي مدد ۽ تعاون سان، هو اُنهن تي بغير ڪنهن هٻڪ يا هٻڪ جي، پورو پورو اعتماد ڪري سگهندو. هنن معزز ۽ مانائتن پرچارڪن جي اثر هيٺ، نئين مذهب ۾ شامل ٿيندڙ ماڻهو، گهرن ۾، آفيسن تورَي فوج ۾ هر جڳهه تي وڏي تعداد ۾ وڏي ويا؛ جرمني جا بربر، جن فوجي عهدن تي ڪر ٿي ڪيو، ڪجهه لاأبالي طبيعت رکندڙ ۽ لاپرواهيءَ جو مظاهرو ڪندڙ هيا، بس چپ چاپ ۾ ۽ بغير ڪنهن روڪ ٽوڪ جي سندن اُهو مذهب هوندو هو جيڪو سندن ڪمانڊر جو هوندو هو، ۽ جڏهن اٽليس جبلن کان گذري رهيا هيا ته اهو ذري گهڻ يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اُنهن منجهان ڪيترن ئي پنهنجي

ترارين کي اڳواڻ ٿي پاڻ کري حضرت عيسيٰ (ع-س) ۽ کانسٽنٽائن جي عقيدت ۽ خدمت جو عزم کيو هو.[26] انسانذات جي عادتن ۽ مذهب ۾ ماڻهن جي دلچسپين، آهستي آهستي جنگ جي پيانڪ خطرن ۽ رتو چاڻ جي راند کي کافي حد تائين تاري ڇڏيو هو جنهن هونئن عيسائين جون نِندون ٿلائي ڇڏيون هيون، ۽ اُنهن کائونسلن ۾ جيکي گڏجاڻيون ٿيندیون هيون ۽ جن کي کانسٽنٽائن جون مهربانيون ۽ حماقتون حاصل هوندیون هيون پر اهڙن موقعن تي، فوجن جي قسر کٽڻ توڙي اُنهن سپاهين کي شهر يا ملڪ بدر کرڻ جون سزائون ڏيڻ لاءِ پادريءَ جي موجودگي ضروري سمجهي ويندي هئي جنهن ۾ سزائن ڏيڻ لاءِ سندس ئي اختيارن جو استعمال کيو ويندو هو. اهي سزائون اهڙن سپاهين کي ملنديون هيون جيکي کليسا ۾ امن امان جي دوران پنهنجا هٿيار ڦٽا کري ڏيوتيءَ تان پڇي ۽ غائب ٿي ويندا هيا.[27] جڏهن ته کانسٽنٽائن پنهنجي حڪومت ۾ پنهنجن عقيدتمندن ۽ پوئلڳن جو جذبو توڙي تعداد وڌائي ڇڏيو هو، هو اُنهي طاقتور فرقي جي حمايت تي اُنهن صوبن ۾ پوريءَ طرح پروسو کري پٽي سگهيو، جيکي صوبا يا ته هن وقت تائين سندس دشمنن جي قبضي ۾ يا اُنهن جي اثر هيٺ هيا. مئڪسينٽيس ۽ لسينيس جي عيسائي فرقي جي رعيت جي ماڻهن ۾ هڪ مخفي قسر جي ناراضگي پيدا ٿي پئي جيکا فورن هر طرف پکڙجي وئي ۽ جيئن ته پوئين بادشاهه ان کي لِکائڻ جي کوشش نه کئي ته اُها رعيت جي اُنهن ماڻهن ۾ ويتر وڌي وئي جيکا هو پنهنجي بادشاهه جي حق ۾ ۽ پوئين جي چٽاپيٽيءَ طور ۽ وڌيڪ کري رهيا هيا. خطن پَٽن جي هڪ باقاعدگيءَ واري سرشتي پرانهن صوبن جي پادرين کي هڪ ٻئي سان نه رڳو ڳنڍي ڇڏيو هو پر کين ان قابل بنايو هو ته جيکي به پنهنجون خواهشون، رٽون يا منصوبا يا کي فائدي وارا اطلاع يا سندن نيکي ۽ پاکائي وارا تحفا ۽ سوکڙيون هڪ ٻئي ڏي موکلي سگهن، مطلب ته هر اُهو عمل جيکو کانسٽنٽائن سان سندن وفاداريءَ جي وچن کي پورو کري ته اُهو بنادير کيو ويندو هو ۽ کانسٽنٽائن به هاڻي کليو کلايو اعلان کيو هو ته هن کليسا کي نجات ڏيارڻ لاءِ هٿيار کنيا هيا ۽ اهڙيءَ طرح هُن ڇڻ هڪ جنگ جو طبل وڄايو هو.[28]

اهڙي جوش جذبي فوجين ۾ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو هو ۽ ائين ٿي لڳو ته شهنشاهه خود به جذباتي نظر ٿي آيو. تنهنکري اُنهن پنهنجن هٿيارن کي تيز کرڻ شروع کري ڇڏيو هو جو ته سندن ذهن ۽ ضمير مطمئن هيا، اُنهن جنگ جي ميدان طرف ان اُميد سان قدم وڌائڻ شروع کيا ته ساڻيو ڏٺي تعالىٰ، جنهن اُردن جي وڏي پاٽيءَ منجهان اسرائيلين جي لاءِ رستو کولي ڏنو هو، ۽ جنهن جيريکو جي پٽين کي، جوشئا جي بِگل جي آواز تي، ڏوڏي، ڍاهي ۽ کيرائي ڇڏيو هو، پاڻهي کانسٽنٽائن کي سوپ ڏيارڻ لاءِ پنهنجي عظمتن ۽ بي مثل اختيارن جو جلوو پسائيندو. کليسائي تاريخ جي شاهدين مان ان ڳالهه جي تصديق ٿئي ٿي ته اهڙن معجزن ٿيڻ لاءِ سندن اُميدون جائز ۽ برحق هيون ڇو ته پهريون شهنشاهه جيکو مذهب بدلائي عيسائي ٿي ويو هو ته ان لاءِ به سڀني جو گڏيل عقيدو اهو ئي هيو ته سواءِ ڪنهن معجزي جي اهو عمل ناممڪن هيو. ايڏي اهم واقعي جي سبب لاءِ، پوءِ ڪٽي اهو سڄو پڄو هيو يا خيالي، ايندڙ نسلن کي پوري ڏيان ۽ ڳوڙهي سوچ سان غور کرڻ گهرجي: تنهنکري آئون کوشش ڪندس ته کانسٽنٽائن جي ان مشهور خواب يا الهام جو جائز ۽ معقول جائزو وٺان ۽ خاص طرح ان جي معيار، خواب ۽ جنت جي نشاني بابت خاص توجهه ڏيڻ جي ضرورت آهي جنهن ۾ تاريخي ۽ فطري حقيقتن کي جدا جدا کري ڏسبو ۽ هن

کمال جي قِصي جا حيرت انگيز ٽڪرا ۽ جگيءَ طرح توري تکي جاچيا جيکي هن شاندار باب ۾ هڪ جڳهه تي جمع کيا ويا آهن پر اُهي اهڙا ته ناڪُنڻان آهن جو اُنهن کي احتياط ۽ وڏي خيال سان ڏسڻو ۽ پرکڻو پوندو.

! اذيتن جا هٿيارَ ۽ اوزار، جيکي فقط غلامن ۽ ڏارين تي استعمال ٿيندا هيا، روم جي شهرين لاءِ دائمي خوف ۽ خطري جو سبب بنجي ويا ۽ غلطين، تکليفن ۽ ذلتن جون سوچون صليبي سوچ سان رلجي ملجي ويون.[29] کانسٽنٽائن جي نيکي ۽ انسانيت پنهنجي حڪومت جي حدن ۾ اُنهن سزائن کي بہ ختم ڪري ڇڏيو جيکي، انسانذات جي محافظن، پاڻ بہ ڪڏهن پوڳيون هيون.[30] پر شهنشاهه کي پنهنجي تعليم جي تعصبن تورِّي ماٺهن جي ڪدورتن کان اڳ ۾ ئي نفرت ٿي چڪي هئي، تنهنڪري انساني ڪدورتن ۽ ڪثافتن کان پنهنجو اندر اُجاري هن فيصلو ڪيو ته هو روم جي وچ ۾ پنهنجو هڪ مجسمو جوڙائيندو جنهن جي ساڃي هٿ ۾ صليب جو نشان هوندو ۽ جنهن تي سندس فوجن جي فتح بابت اڪر اُڪريل هوندا ۽ اُنهي مقدس نشانيءَ تي روم جي نجات بہ اُڪريل هوندي ۽ اِها طاقت ۽ جرئت جي سچي نشاني هوندي.[31] ساڳي نشانيءَ ڪانسٽنٽائن جي فوجن جي هٿيارن کي پاڪ ڪري ڇڏيو، سندن توپلن ۽ پيشانين تي صليب چمڪي رهي هئي جنهن کي سندن شيلڊن تي اُڪرايو ويو ۽ سندن جهنڊن ۾ اُڀرايو ويو ۽ پاڪ نشانين، جن سان شهنشاهه پنهنجي پاڻ کي بہ سينگاري ۽ سجائي ڇڏيو هو، کي بهترين شين ۽ مواد مان ناهيو ويو هو ۽ اُنهن تي زبردست ۽ ڪمال جي ڪاريگريءَ جو ڪم ڪيل هو.[32] پر خاص جهنڊو جنهن صليب جي شان کي نمايان ٿي ڪيو اُن کي" لٻريرم"[33] يا فوجي جهنڊو چيو ويندو هو جيڪو اُڇتو بہ آهي ته ساڳي وقت مشهور نالو پڻ آهي ۽ جنهن کي ذري ذري گهٽ دنيا جي هر هوليءَ منجهان ورتو ويو آهي. ان کي هڪ ڏگهو پالو چيو ويندو آهي،[34] جنهن کي ڪاٺ جو مُنيو يا دستو وچ مان لڳي ٿو. ريشم جي پردي تي، جيکو ڪاٺ جي دستي کان هيٺ لٽڪيو ٿي، حڪومت ڪندڙ شهنشاهه ۽ سندن ٻارن جون تصويرون بهترين طريقي سان نقش ڪيون ويون هيون. پالي جي چوٽيءَ تي سونو تاج ٺهيل هو جنهن تي وري هڪ پُراسرار نشاني ٺهيل هئي جنهن کي ڏسڻ شرط معلوم ٿي ٿيو ته اهو صليب جو نقش هو ۽ ساڳي وقت حضرت عيسيٰ (ع - س)[35] جي نالي جا پهريان اکر ان تي اُڪريل هيا. لٻرم جي حفاظت جي ذميداري پنجاهه محافظن کي سؤنپي وئي هئي جن جي بهادري ۽ وفاداري جاتل سجاتل ۽ مشهور هئي، سندن رتبن کي عزت وارو مقام ۽ کين بهتر پگهارون ڏنيون ويون هيون. ۽ ڪجهه خوش قسمتيءَ جي واتعن هڪڙي افواهه کي عام ڪري ڦهلائي ڇڏيو هو ته جيستائين لٻرم جا محافظ پنهنجون ڊيوٽيون ڏيندا رهندا ته اُهي بلڪل محفوظ رهندا ۽ دشمن جا پالا تورِّي نيزا اُنهن تي هرگز اثر انداز نه ٿيندا. ٻي خانه جنگي دوران، لسينيَس ان پاڪ پالن جي طاقت کان سخت خوفزده ٿي ويو هيو ۽ ڪانسٽنٽائن جا سپاهي اُنهن کي ڏسڻ شرط، تورِّي ڪٽي اڳ ڏمڙده هجن، بيحد جوش ۽ جذبن سان پربور ٿي ويندا هيا ۽ سندن دشمنن جي صفن ۾ خوف ۽ نااُميدي جي لهر دوڙي ويندي هئي جيڪا کين سخت پريشان ڪري ڇڏيندي هئي.[36] عيسائي شهنشاهن، جن ڪانسٽنٽائن جي مثال کي بيحد مان ڏنو هو، پنهنجن سيني فوجي معرڪن ۾، صليب جي جهنڊي جي نمائش ڪندا هيا، پر جڏهن ٿيوڊوسيَس جا بگڙيل جانشين تخت تي ويٺا، ته اُنهن جنگين ۽ پنهنجين فوجين ۾ پنهنجي ذاتي حاضريءَ کي اهميت نه ڏني ۽ لٻرم کي بہ مقدس پر هڪ بيڪار تبرڪ سمجهي قسطنطنيه جي محلات ۾ رکيو ويو.[37] انجا اعزاز اجا تائين فلٿرين جي

خاندان وٽ محفوظ ٿيل آهن. سندن احسانمنديءَ واري عقيدت سبب حضرت عيسيٰ (ع - س) جي پاڪ نشاني، روم جي مقدس نشانين جي وچ ۾ رکيل آهي. هيا مقدس خطاب جيئن جمهوريه جي سلامتي، فوج جي عظمت، عام ماڻهن لاءِ خوشين کي واپس وراڻڻ وغيره به مذهبي ۽ فوجي اعزازن سان شامل آهن ۽ شهنشاهه کانسٽنٽينس جو تمغو ايا تائين سلامت آهي، جتي لئبرم جي معيار کي هنن يادگار لفظن ذريعي قائم دائم ڪيو ويو آهي: "هن نشانيءَ جي برڪت سان تون سدائين سوپارو رهندين."

II خطرن تورِّي تڪليفن جي سيني موقعن تي، اوائلي عيسائين جو اهو دستور هوندو هو ته پنهنجي دماغ تورِّي جسر ۾ صليب جي نشان ذريعي حفاظت ڪندا هيا ۽ سمجهندا هيا ته جيئن هڪ قلعو ڏاريندي آهي تيئن اهو نشان به هڪ قلعي وانگر آهي ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجن مڙني ڪليسائي رسمن رواجن تورِّي زندگيءَ جي روز مرهه جي اُٺڻي ويهڻي يا ڪاروباري معاملن ۾ ان نشان کي جنن پُوتن يا هين آساني آفتن يا آسيبن کان يقيني حفاظت جي ضمانت سمجهيو ويندو هو. [39] فقط ڪليسا جي اختيارن کي ئي ڪانسٽنٽائن جي عقيدت کي جائز سمجهڻ لاءِ ڪافي سمجهيو ويو هو جنهن پنهنجي دوراندیشي ۽ عقيدتمنديءَ ۾ اڳيرائي ڪندي ۽ عيسائيت جي سچ کي تسليم ڪندي پاڻ به صليب جو نشان پائڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. پر ان وقت جي هڪ ليکڪ جي شاهديءَ موجب، جنهن پنهنجي هڪ باقاعدگيءَ واري مضمون ۾، مذهب جي مقصدن جي پٽيرائي ڪئي آهي ۽ شهنشاهه جي نيڪيءَ کي حيرت منجهان ڪجهه تمام مٿاهون پڻ ڇاڻايو آهي: هو وڏي اعتماد سان دعويٰ ڪري ٿو ته مئڪسينٽيس خلاف آخري جنگ کان هڪ رات اڳ، ڪانسٽنٽائن کي خواب ۾ تنبيهَ ڪئي وئي هئي ته پنهنجن سپاهين جي شيلڊن تي بهشتي نشاني ۽ خدا جو نالي اُکرائي، ان سان گڏ حضرت عيسيٰ (ع - س) جي پاڪ نالي جي نشاني به شامل هجي: هن جنت جا اهي حڪر ميڙيا، جنهن جي نتيجي ۾ سندس بهادري ۽ سعادتمنديءَ کي خدائي حمايت ملي وئي ۽ ڪين مِلويَن پُل واري جنگ ۾ سوپ حاصل ٿي. ڪي ڳالهيون سوچڻ تي شايد هڪ ڪوجنا ۽ شڪ ڪندڙ دماغ ڪي، اُن تقرير جي ماهر جي فيصلي جي سچائيءَ تي ڪجهه وڌيڪ شڪ ۽ گمان ڪڍي ٿو جنهن جو قلم، جوش جذبي يا وري سندس ذاتي دلچسپيءَ سبب، ان وقت جي هڪ فرقي سان وڌيڪ لاڳاپيل ٿي نظر آيو. [40] هن ئِڪوميديا جي آزارينڊرن جو تعداد فقط ٿي ٻڌايو آهي جيڪو روم جي فتح کان پوءِ جو آهي، پر هزارن ميلن جو پنڌُ ۽ هزار ڏينهن جو وقفو، تقرير جي ماهرن لاءِ ڪا ڳالهه ايجاد ڪرڻ لاءِ ڪافي گنجائش رکي ٿو. جنهن ۾ لاڳاپيل ماڻهو سادگيءَ ۾ اعتبار به ڪري سگهن ٿا ۽ خود شهنشاهه جي منظوري به آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهن ٿا جو ته اُهو به اهڙي مزيدار ڪهاڻيءَ ڪي دلچسپيءَ سان ٻڌندو جنهن ۾ سندس شهرت کي ايا وڌائي آسمان تائين پهچايو ويو هجي ۽ سندس مقصدن جي به پوري پُٽيرائي ڪئي وئي هجي. لسينيَس لاءِ ساڳئي مصنف ساڳيو خواب ڇاڻايو آهي، تورِّي جو هو عيسائين سان ظاهري طرح ڪدورت رکڻ جو تاثر ڏيندو هو، جنهن ۾ عبادت جو به ساڳيو طريقو ڇاڻايو ويو آهي جيڪا فرشتن ذريعي کين ٻڌائي ويندي هئي، جنهن کي سچي فوج، آمر مئڪسيمين سان لڙائي جوڙڻ کان اڳ، ان عبادت کي ڏهرايو هو. معجزن جي پرمار جيڪڏهن ماڻهن کي ڏهائي ۽ ڀُهڪائي نه سگهي هئي ته اُنهن جي سمجهه ۽ منطق کي چيڙائي ضرور ڇڏيو هو. [41] پر، جيڪڏهن ڪانسٽنٽائن جي خواب کي جدا حيثيت ۾ ڏسو ۽جي ته ان کي شهنشاهه ۾جي يا ته

پاليسيءَ مطابق يا وري سندس جذبن جي روشنيءَ ۾ سمجهي سگهجي ٿو. مقرر ٿيل اهڙ ڏينهن لاءِ سندس اُڻ تڻ، جنهن ذريعي شهنشاهت جي مُقدر جو فيصلو ٿيڻو هو. ڪنهن ٿوري غفلت سبب ملتوي ٿي وئي. حضرت عيسيٰ (ع - س) جو هڪ باوقار ۽ تقدس وارو روپ ۽ سندس مذهب جي مشهور نشاني. شهنشاهه جي تصور جي اندرين اکين لاءِ وڏي ڪشش رکندڙ هيا ڇو ته ڪيس اڳ ۾ ئي ان عزت واري نالي لاءِ دل ۾ احترام هو ۽ شايد عيسائين جي خدا جي طاقت جي آڏو هو عجز آڻي ڪندڙ ۽ ٻاڌائيندڙ هيو. جيئن ڪو وڏو تجربيڪار سياستدان يا مدبر پنهنجي فوجي حڪمت عمليءَ کي وڏي سوچ ۽ دوراندیشيءَ سان آزمائيندو آهي ته فلپ * ۽ سرٽوريَس + اوتري ئي هوشياري ۽ مڪاريءَ سان تقدس جي نالي ۾ پنهنجي ڏڳيءَ وارين چالُن کي اڳتي وڌايو هو.[42] اوائلي قومن جي ماڻهن اُنهن خوابن کي آفاقي سطح تي تسليم ڪري ڇڏيو هو جيڪي قدرت ۽ فطرت جي قانونن جي خلاف هيا ۽ گال جي فوجن جي هڪ وڏي تعداد اڳي ئي حضرت عيسيٰ (ع - س) جي مذهب جي سُڌين نشانين ۾ پنهنجي اعتماد جو اظهار ڪري ڇڏيو هو. ڪانسٽنٽائن جي مخفي خواب کي ان خاص واقعي جي حوالي سان ڪُوڙو ثابت ڪري سگهجي ٿا، بهادر سپوت جيڪو اڀلپس ۽ اڀينن کان ٻه پنهنجي منزل جا قدم ايڏا اڳتي وڌائي چڪو هيو. روم جي ديوارن هيٺ پنهنجي شڪست جا سبب معلوم ڪرڻ لاءِ ٿورو بيپرواهه ۽ ڪجهه نراس پڻ هيو. سينيٽ ۽ عوام خوشيءَ مان ڪپڙن ۾ نڪي ماپيا ته ڪين هڪ ذليل آمر کان نجات ملي هئي، ۽ اُنهن اها ڳالهه مڃي ٿي ته ڪانسٽنٽائن جي سوچ جو جيترڀدر تعلق هو ته اُها انساني طاقت ۽ وَسَ کان مٿاهين هئي، پر ڪين ان ٻڌائڻ جي ٻه جرئت نه پئي ٿي ته اها فتح ڪيس خدائن جي مداخلت ۽ سندن حفاظت جي هٿ رکڻ سبب نصيب ٿي هئي. ان واقعي جي ٽن سال کانپوءِ جيڪو فتح جو يادگار محراب تعمير ڪرايو ويو هيو، اُڻ ڇڻي ٻوليءَ ۾ ان تي لکيل آهي ته پنهنجي دماغي وڏائيءَ ۽ قدرتي طاقت جي زور تي هن روم جي جمهوريه کي بچايو ٻه هو ته ساڳي وقت ان جو بدلو ٻه ورتو هو.[43] هڪ لادين تقرير جو ماهر، جنهن اڳ ۾ موقعي جو فائدو وٺندي فاتح جي گُڻن ۽ ڇڳاين جي تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو هو، سمجهي ٿو ته فقط هو اڪيلو ئي رب العزت جي ويجهو آهي جنهن سان سندس راز نياز جون ڳالهيون ٻه هوندیون آهن ۽ هو (رب) ئي پنهنجن ديوتائن کي پنهنجن فاني بندن جي حفاظت ۽ سندن خيال رکڻ جو ڪر سوٺيو ٿو. تنهنڪري هو ان ڳالهه جو هڪ معقول دليل ٿو ڏئي ته ڪانسٽنٽائن جي رعيت جا ماڻهو ٻلا ڇو پنهنجي حاڪر جي مذهب کي اختيار ڪرڻ ۾ ڪا هٽڪ يا رڪاوٽ محسوس ڪن.[44]

III هڪ فيلسوف جيڪو خوابن، فالُن يا سؤٽن، معجزن ۽ انتهائي غير معمولي ڳالهين کي ڪجهه شڪ ۽ تنقيدي نظر سان جاچي ۽ پروڙي ٿو، پوءِ اُنهن جو تعلق توڙي ناپاڪ ڳالهين سان هجي يا ڪليسائي تاريخ سان، ته اُهو ان نتيجي تي پهچي ٿو ته جيڪڏهن ڏسندڙن يا تماشبينن جون اکيون ڏڳي ۽ دولاب ذريعي دوکو ڪائن ٿيون ته ساڳي وقت پڙهندڙن جي عقل ۽ فهم کي، پهرين جي مقابلي ۾ عجيب آکاڻين ۽ ڪهاڻين ذريعي وڌيڪ بيعزتو ڪيو ويو آهي. هر واقعي، ڏيڪ يا ڪو حادثو جيڪو فطرت جي مقرر ڪيل اصولن کان هٽائي پيش ڪيو ويو آهي ته انکي بنادير جي ۽ بغير سوچڻ سمجهڻ جي قدرت جو ڪارنامو سمجهيو ويو آهي ۽ بيشمار ماڻهو پوءِ فورن اهڙي وقتي ۽ تيزيءَ سان گذرندڙ واقعي کي تصور جو رنگ روپ، زبان ۽ چرپر ۾ ڏئي ٿا ڇڏن.[45] نزاريَس ۽ يوسيبيَس ۾ مشهور

تقرير جا ماهر گذريا آهن جن پنهنجين مشهور مدح سراين ۾ ڪانسٽنٽائن جي شان شوڪت کي مٿي ڪرڻ جي سلسلي ۾ پنهنجي وَسان کين گهٽايو آهي. روم تي سوپ ماٽڻ کان نوَ سال پوءِ، نزاريَس [46] قدرت طرفان موڪليل ويڑهاڪن جو ذڪر ڪري ٿو جيڪي آسمان تان لٿا هيا: هو اُنهن جي خوبصورتي، سندن جوش جذبن ۽ اُنهن جي سهڻي جسماني بناوٽ ۽ روشنيءَ جون لاٽون جيڪي سندن بهشتي زِرهُن منجهان چمڪاٽ ڪري رهيون هيون. سندن اذيتن ۾ صبر ڪرڻ جنهن کي عام ماڻهن ٻُڌي ۽ ڏسي به سگهيو ٿي: ۽ سندن پنهنجو اظهار هيو ته اُنهن کي عظيم ڪانسٽنٽائن جي مدد جي لاءِ قدرت طرفان موڪليو ويو هو تنهنڪري اُهي آسمان تان اُڏامي هتي پهتا هيا. هن اڄ ٽيٽي ڳالهه جي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ، هڪ لادين فصاحت بلاغت جو ماهر گالن جي سڃي قوم کي ايبل ٿو ڪري جن جي موجودگيءَ ۾ هن ان وقت ڳالهايو پئي ته تازي ٽيل واقعي تي ويساهه ڪرڻ سان قديمي دوُر جي جنن پُوتن جي قصن ۽ اجاين آکاڻين کي تقويت ملندي. يوسيبيَس جي هڪ عجيب عيسائي آکاڻي، جيڪا اصلي خوابَ کان چوَيهه سال پوءِ اُپري منظر عام تي آئي، کي وڏيڪ سڻي، صحيح ۽ شانائتي قالب ۾ وجهي ڪهڙي ناهيو ويو آهي. چيو وڃي ٿو ته هڪ جنگي معرڪي طرف ڪاهيندي ڪانسٽنٽائن پنهنجي اکين سان پاڻ صليب جي جرڪندڙ ترافي کي سج جي مٿان پيل ڏٺو هو، جنهن تي هي لفظ اُڪريل هيا: "ان سان سويون ماڻجان" ۽ آسمان تي نظر ايندڙ هن عجيب شئي سڃي فوج توڙي خود شهنشاهه کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو جيڪو ايا تائين مذهب جي چوند ڪرڻ ۾ ٻُڌ تر جو شڪار هيو، پر سندس حيرت عقيدي اختيار ڪرڻ ۾ بدلجي وئي جڏهن هي رات تي هن وري هڪ عجيب لقاءُ ڏٺو. هو خواب ۾ ڏسي ٿو ته حضرت عيسيٰ (ع - س) سندس اکين اڳيان آيو ۽، ساڳي صليب جي بهشتي نشاني ڏيکاريندي کيس حڪم ڏنائين ته ڪانسٽنٽائن به هڪ اهڙو جهنڊو ناهي جنهن تي صليب جو نشان ٺهيل هجي، پوءِ هو مئڪسينٽيَس توڙي ٻين سڀني دشمنن خلاف ڪاهه ڪري وڃي ته ڪاميابي ۽ سوپ سندس قدم چُمندي. [48] سزئريا جو پادري بيحد سياڻو ۽ داناءُ شخص هو جنهن سوچيو ته هن نئين ڪهاڻيءَ وارو شوشو سندس پڙهندڙن ۾، جيڪي نيڪ ۽ پرهيزگار هيا، انوکي حيرت جو سبب ٽيڻ سان گڏ منجهن غير يقيني واري صورتحال پڻ پيدا ڪندو ڇو ته هيءَ آکاڻي ئي ڪجهه اهڙي قسر جي هئي. ان جي باوجود، واقعي جي وقت ۽ هنڌ جي صحيح حالتن کي معلوم ڪرڻ جي بجاءِ، جن منجهان ڪنهن ڳالهه کي پرکڻ لاءِ ان جي سچَ ۽ ڪوڙ جي آسانيءَ سان خبر پئجي سگهي ٿي، [49] ۽ ڪيترن ئي زندهه شاهدن جي شاهدين کي گڏ ۽ محفوظ ڪرڻ جي بجاءِ، جيڪي يقيني طور تي اهڙي عجيب و غريب معجزي جا عيني گواهه هوندا، [50] يوسيبيَس بس هڪڙي ئي شاهديءَ تي پاڻ کي مطمئن ٿو ڪري ڇڏي: ته ڪانسٽنٽائن مرحومَ، جنهن، ان واقعي کان ڪيترائي سال پوءِ ڳالهين ڳالهين ۾ کيس پنهنجي زندگيءَ جو هي اهم واقعو ٻڌايو هو ۽ ان جي سچائيءَ بابت مقدس قسر پڻ کنيو هو. وڏي پادريءَ جي دوراندیشي ۽ احسانمنديءَ جي جذبي کيس پنهنجي سوياري مالڪ جي سچائيءَ تي شڪ ڪرڻ کان منع ڪئي هئي: پر تنهن هوندي به هو صاف طور تي اعتراف ٿو ڪري ته اهڙي انوکي واقعي جي سلسلي ۾، کيس ڪنهن غير مستند ڳالهه تي پروسو هرگز نه ڪرڻ ڪپندو هو ۽ نه وري اهڙي واقعي کي مڃڻ ئي گهربو هو. هن قسر جي اعتماد ۽ پروسي ڪرڻ جي روايت فلسطين جي خاندان ۾ برقرار نه رهي سگهي ۽ جنت جي نشاني، جنهن تي بي دينَ پوءِ پاڻ ۾ طنز منجهان ڪِلندا هيا، [51] ڪي ان دوُر جي عيسائين پوءِ ڇڏي

ڏنو ۽ اُنهن ئي ڏينهن ۾ ڪانسٽنٽائن مذهب بدلائي عيسائي ٿي ڇڪو هو.[52] پر مشرق توڙي مغرب ۾، ڪئٿولڪ ڪليسا، صليب جي نشاني کي قائم رکڻ ۾ زور پريو آهي ۽ ان کي پنهنجين عبادتن ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي. باقاعدي تنقيد جي جرئت ۽ عقلمنديءَ واري سرشتي شروع ٿيڻ تائين، ڪانسٽنٽائن جي خواب واري قصي کي وهمن وسوسن جي روايتن ۾ هڪ عزت ۽ ويساهَ وارو درجو حاصل هيو پر پوءِ محاسبي جي عمل شروع ٿيڻ سان ان جي اهميت گهٽجي وئي ۽ پهرئين عيسائي شهنشاهه جي سچائي واري ڳالهه تي تهمت مڙهي وئي ۽ ان بابت ڪافي ڇڄا ڳاڇا ٻه ٿيڻ لڳي.[53]

موجوده زماني جا دليل باز ۽ فلسفي جا طالب علم ان ڳالهه تي اعتبار ڪرڻ لاءِ يقيني طور آماده ٿيندا ته پنهنجي ئي ڳالهه ٻولهه يا گفتگو ۾، ڪانسٽنٽائن ڇاڻي ٻجهي ڪوڙ ڳالهايو ۽ ان ڪوڙ کي وري ڪوڙي قسم کٽڻ ذريعي پڪي پختي ڪرڻ جو دوکو ڪيائين. اُهي هن لاءِ ڪو اهڙو اعلان ڪندي ٻه نه هڪندا ته مذهب جي چوند ڪرڻ وقت ٻه هنجي ذاتي دلچسپيءَ جو وڏو عمل دخل هو ۽ (هڪ غير مذهبي شاعر جي چوڻ موجب) هن ڪليسا جي قربانگاهن کي شهنشاهت تائين پهچڻ لاءِ پنهنجن پيرن کي ڇمائڻ جو هڪ ذريعو ڏاهيو هو. بهرحال پوءِ ٻه اسان هن متعلق اهڙو سخت ۽ قطعي نتيجو نڪا ڪڍي سگهون ڇو ته اسانکي نه ته ايترو انساني فطرت جو ڪو علم آهي ۽ نه وري ڪانسٽنٽائن يا عيسائيت لاءِ ڪا آخري راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي. مذهبي جوش جذبن جي زماني ۾، وڏا سياڻا ۽ داناءُ ماڻهو ٻه گهٽو ڪري اُنهن جذبن جي وهڪري ۾ وهي وڃن ٿا جن کان هو خود متاثر ٿيڻ ٿا ۽ وڏا بنياد پرست درويش ٻه سچ ۽ حقيقت جي دفاع ڪرڻ جو حق ٻه دوکي ۽ ڪوڙ جي خطرناڪ حربن ۽ هٿيارن سان استعمال ڪرڻ جا عادي آهن. ذاتي دلچسپي، گهڙ ڪري اسانجي عقيدي توڙي عملن جو معيار بڻجي وئي آهي ۽ دنياوي يا عارضي فائدن حاصل ڪرڻ جي نيت شايد ڪانسٽنٽائن جي دماغ ۾ ٻه چپ چاپ ۾ اها ڳالهه آندي هوندي ته هو اهڙو مذهب اختيار ڪري جيڪو سندس شهرت ۽ پاڻ بخت سان موافقت رکندڙ هجي. سندس اجائي آکڙ ۽ ڦوندٻس ان خوشامد واري يقين ۾ خوش هئي ته رب العزت طرفان کيس زمين تي حڪومت ڪرڻ جو خدائي حق عطا ڪيو ويو هيو ۽ ڪامياٻين کيس تخت تي قائم رهڻ جي خدائي لقب جو اهل بنايو هو ۽ اُهو خطاب عيسائيت جي الهامي سچائيءَ تي مبني هو. صحيح نيڪي ڪڍهن ڪڍهن ان داڏ يا تعريف ڪرڻ تي ٻه جوش ۾ اچي ويندي آهي جيڪا ٻي موقعي ۽ اجائي هوندي آهي ته ڪانسٽنٽائن جي شاندار نيڪي، جيڪڍهن ان کي واقعي شاندار چئي سگهجي ٿو ته، تعريف، عادت يا مثال جي اثرن هيٺ، آخرڪار بالغ ٿي معقوليت ۽ جوشيلي عقيدت جو رخ اختيار ڪري وئي هئي. نئين مذهب جا پادري توڙي استاد، جن جي پوشاڪ توڙي رهڻي ڪهڻيءَ کين محلات جي رهڻ لائق ٻه نه بنايو هو، بنادير شاهي ٽيبل تائين پهچي ويا ۽ اُهي هر وقت شهنشاهه سان سندس مُهمن ۽ سفرن ۾ گڏ هوندا هيا ۽ جيڪي متي اُسرندڙ هيا اُنهن منجهان هڪڙو مصري يا اسپين جو ماڻهو هو[55] جنهن جو شهنشاهه تي گهٽو اثر هيو پر لاڊينن جي چوڻ مطابق اهو سندن جادوءَ جو اثر هيو.[56] لئڪٽينٽيَس جنهن عيسائيت جي اصولن کي گهٽو سينگاريو ۽ سنواريو آهي جنهن ۾ سِسيرو جي فصاحت بلاغت پڻ شامل آهي[57] ۽ يوسيبيَس جنهن يونانين جي علم ۽ فلسفي کي پاڪ ڪري مذهب جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو،[58] پنهي کي حاڪر جي ويجهن دوستن هئڻ جو شرف حاصل هو. ۽

ٻئي تضادن جا مالڪ ڇيا ويندا هيا پر هاڻي صبر ۽ نرميءَ سان قائل ڪرڻ جي فيصلائتن لمحن جو غور سان جائزو وٺي رهيا هيا ۽ وڏي هوشياري ۽ چالاڪيءَ سان اُنهن دليلن کي اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هيا جيڪي سندن حاڪر جي ڪردار ۽ سندس سمجهه جي معيار مطابق هيا. شاهي سطح تي مذهب تبديل ڪرڻ واري کان جيڪي بہ فائدا حاصل ٿي سگهيا ٿي، ان جي کيس ايتري پرواهه ڪانه هئي ڇو تہ هو ڏاهپ يا نيڪيءَ جي مقابلي ۾ ان ڳالهه کان وڌيڪ خوش هيو تہ شاهي شان شوڪت ۽ دٻدبو کيس حاصل هيو ۽ هو پنهنجي رعيت جي هزارها ماڻهن منجهان هڪڙو هو جنهن عيسائين جو مذهب اختيار ڪيو هو. نہ وري اها ڳالهه اعتبار ۾ نہ آڻڻ جهڙي آهي تہ هڪ اڻ پڙهيل سپاهيءَ جو دماغ شاهديءَ جي زور آڏو هڪدم ڪٽي آڻ مجيندو جنهن هڪ مُهذب دؤر ۾ گروٽيس * ، پاسڪل + يا لاڪ ++ جهڙن مدبرن کي بہ مطمئن ڪري ڇڏيو هو. پنهنجي وڏي رتبي جي باوجود هن راتين جون راتيون جاڳي مسلسل محنت ڪري، مذهبي ۽ ٻين پاڪ ڪتابن ۽ مسودن جو مطالعو ڪيو ۽ جيڪي مذهبي بحث مباحثا ٿيا هيا اُنهن جو بہ جائزو ورتو ۽ گهٽ ڪجهه حاصل ڪري پوءِ اڃي پنهنجن ماڻهن جي وچ ۾ سندن داد حاصل ڪندي کين اُهو سڀ ڪجهه ٻڌايائين جيڪو ڪجهه هن پرايو هو. پنهنجي هڪ ڏگهي تقرير ۾ جيڪا ايا تائين محفوظ آهي، شاهي مبلغ مذهب بابت مختلف ثابتين بابت پنهنجا واضح دليل بيان ڪري پر هو جڏهن سبيلائين جي شاعريءَ [59] جو ذڪر ڪري ٿو يا ورجل جي چوٿين نظر [60] جو احاطو ڪري ٿو تہ اتي خاص نرميءَ جو مظاهرو ٿو ڪري. حضرت عيسيٰ (ع - س) جي جنم کان چاليهه سال اڳ مشنچٿا جي سنياسيءَ، جيڪو جڻ عيسائيءَ جي بهشتي آلاپن کان متاثر ٿيو هو، ڪنواري ببي مريم جي واپسيءَ کي وڏي ڏاڍ ڏور ۽ مشرقي روايتن مطابق ملهايو هو. ان کان سواءِ نانگ جو زوال ۽ خدا طرفان موڪليل هڪ خاص هار جو ذڪر، عظيم جوپيٽر جو هالڪو جيڪو انسانذات جي خطائن ۽ گناهن کي معاف ڪندو ۽ هن ڪائنات کي پنهنجي پيءُ جي نيڪين ۽ عظيم خُلق ذريعي هلائيندو. انهيءَ دور ۾ هڪ جنتي قوم ظاهر ٿي مٽي اُپري ايندي جيڪا دنيا جي تمام اوائلي قومن منجهان هڪ هوندي، ۽ اهڙي ٿي سمي اڳوڻي سونهري دؤر جي معصوميت ۽ روحاني خوشي وري انسانذات کي موٽي ملندي. شاعر شايد اهڙين اُتاهين پيشنگوين جي ڳجهي مطلب ۽ مقصد کان پوريءَ طرح واقف نہ هيو جن کي هڪ ڪنسل جي معصوم پٽ يا ڌِن مان هڪ سان بيجا ۽ ناجائز طور تي منسوب ڪيو ويو آهي، [61] پر جيڪڏهن ورجل جي چوٿين نظر جو وسيع مطلب ۽ شاندار تشريح ڪنداسين جنهن ذريعي پهرئين عيسائي شهنشاهه جي مذهبي تبديلي عمل ۾ آئي تہ انهيءَ حوالي سان ورجل کي عيسائيت جي پرچارڪن منجهان هڪ نهايت ٿي ڪامياب مبلغ ڪوٺي سگهجي ٿو جنهن ۾ سندس مرتبو بہ بلند ۽ مٿاهون ليکيو وڃي ٿو. [62]

عيسائي مذهب ۽ عبادتن جا خطرناڪ راز ڏارين جي نظرن کان لڪل ۽ اوجهل هيا پر اُهي عيسائيت ۾ نئون داخل ٿيندڙن يا سيکڙاتن کان بہ مخفي رکيا ويا هيا جنهن سبب ماڻهن جي اندر جي هورا کورا تورڻي حيرت ۾ اضافو ٿيندو رهندو هيو. [63] پر نظر ۽ ضبط جا سخت قانون قاعدا جيڪي پادرين جي دوراندیشي ۽ انتظامي اصولن مطابق قائم ڪيا ويا هيا، پر ساڳين پادرين جي نظر ۽ ضبط اُنهن ساڳين اصولن کي شهنشاهه جي سلسلي ۾ نرم ڪري ڇڏيو ڇو تہ اُنهن لاءِ اهو تمام ضروري هو تہ ڪيس هر لحاظ سان عيسائيت ۽ ڪليسا ڏي وڃڻ لاءِ هرڪايو وڃي؛ هن

سلسلي ۾ ڪانسٽينٽائن کي پڪي عيسائي ٿيڻ کان اڳ خاص طور تي ڪيترين ئي واڌارين رعايتون ڏنيون ويون هيون. ميڙ منجهان چپ چاپ ۽ هليو وڃڻ جي بجاءِ، جنهن وقت راهب جي آواز تي ملحدن جو ميڙ ٽڙي پکڙي ويو هو، هن عقيدتمندن سان گڏجي عبادت ڪئي. پادرين سان ڪن ڳالهين تي اختلاف ڪيائين. دين جي تمام منجهيل ۽ نازڪ مسئلن تي تقرير ڪيائين. ايسٽر جي مقدس رسمن ۾ وڏي عقيدت منجهان شريڪ ٿيو ۽ عيسائيت جي رازن ۽ رمزن کي ڄاڻڻ لاءِ نه رڳو ان ۾ حصي وٺندڙن ۾ شرڪت ڪيائين پر اهڙن مذهبي معاملن کي سمجهائڻ ۽ سلجهائڻ لاءِ پاڻ کي دين جو رهبر يا پيشوا سڏرائڻ جي دعويٰ پڻ ڪيائين.[64] ڪانسٽينٽائن کي هڪ بيمثال فخر حاصل هيو ۽ جنهن جو هن پاڻ کي لائق ۽ اهل به ثابت ڪيو هو: ان وچ ۾ هڪ غير متوقع تڪليف يا سختي نمودار ٿي جنهن سندس مذهب جي تبديليءَ جي ميوي کي پڇڻ کان اڳ ختر ڪري ڇڏيو هيو: ۽ جيڪڏهن هڪ شهنشاهه لاءِ ڪليسا ۾ داخل ٿيڻ جا دروازا سختي سان بند ڪيا ويڻ ها جنهن ديوتائن جي قربانگاهن تي وڃڻ بند ڪري ڇڏيو هو ته شهنشاهت جي مالڪ کي ڪنهن به مذهبي عبادت کان يتيم بنايو وڃي ها. جڏهن هو آخري دفعو روم ويو هو ته هن پنهنجي پوري خلوص سان پنهنجن ابن ڏاڏن جي وهمن کان نه رڳو پنهنجي لاتعلقي ظاهر ڪئي هئي پر اُنهن کان بيزاري ۽ اُنهن جي بيعزتي به ڪئي هئي. جو ته هن گهوڙي سوار فوج جي جلوس جي قيادت ڪرڻ تورڙي ڪئپيٽولائين ٽڪريءَ تي جوپيٽر جي عبادت ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو هو.[65] سندس عيسائيت اختيار ڪرڻ ۽ موت کان ڪيترائي سال اڳ، ڪانسٽينٽائن سڄي دنيا جي اڳيان اعلان ڪيو هو ته نه هنجي پنهنجي ذات ۽ نه وري سندس مورتي يا تصوير هڪ اهڙي مندر ۾ رکي وڃي جيڪو بت پرستيءَ جي علامت هو جڏهن ته هن ڪيترن ئي صوبن جي ماڻهن ۾ تمغا ۽ تصويرون ورهايون هيون جن تي سندس پنهنجي تصوير، تمام نماڻي ۽ عجز آڏيءَ واري انداز ۾ عيسائي عقيدت واري طريقي سان اُڪريل هئي.[66]

ڪانسٽينٽائن جي فخر جي انداز کي، جنهن عيسائيت جي بنيادي حقن ۽ فائدن ونڊ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو، آساني سان نه ته سمجهائي سگهجي ٿو ۽ نه وري ان بغير رهي سگهجي ٿو. باقي سندس طرفان عيسائيت جي مذهب اختيار ڪرڻ ۾ دير ڪرڻ جي سبب کي جائز طريقي سان ڪليسائي تاريخ جي قدامت جي اصولن جي روشنيءَ ۾ سمجهائي سگهجي ٿو. پاڪ غسل جي رسم.[67] پادريءَ طرفان باقاعدگيءَ سان بشپ جي وڏي ڪليسا ۾ ادا ڪئي ويندي هئي جنهن ۾ ڪجهه ماڻهو سندس مدد به ڪندا هيا. هيءَ رسم ايسٽر ۽ روح القدس جي مقدس ڏڻن جي وچ ۾ پنجاهه ڏينهن ۾ ملهائبي هئي ۽ هن پاڪ رسم ۾ ڪيترائي نندڙا ٻارڙا تورڙي وڏا چرچ جي وچ ۾ وڃي داخل ٿيندا هيا. والدين جي مرضيءَ مطابق ڪڏهن هو پنهنجن ٻارن کي پاڪ غسل ڪرڻ کان تيستائين منع ڪندا هيا جيستائين هو وڏا ٿي اُهي معاهدا ۽ فرض سمجهن ۽ اُنهن کي نباهن: قديمي پادري پنهنجن اصولن ۾ ايترا ته سخت هوندا هيا جو مذهب ۾ نوَن داخل ٿيندڙن لاءِ ٻن سالن لاءِ سِکڻ جو مُدو مقرر ڪيو ويندو هو ۽ جيڪي سيکڙات هوندا هيا ته اُهي دنياوي يا روحاني ڳالهين کي سامهون رکندي، مڪمل عيسائي ٿيڻ لاءِ پاڻ به هروپرو ايترا اُڀرا يا بي صبرا هرگز نه هوندا هيا. پاڪ غسل ڪانپوءِ پڪي عيسائي ٿيڻ جو مطلب اهو هوندو هو ته اُهو ماڻهو اڳين گناهن کان پوريءَ طرح ڌوڀجي ۽ پاڪ ٿي ويو ۽ روح به فورن پنهنجي اصلي پاڪائي ۽ اُجرائيءَ واري حالت طرف موٽي ويندو هو ۽ اهڙي

ماڻهوءَ لاءِ دائمي نجات جا دروازا کلي ويندا هيا. عيسائي مذهب اختيار ڪرڻ وارن ۾ ڪيترائي منجهن اهڙا هيا جيڪي تڪڙ ۾ اهڙين ريتن رسمن ملهائڻ کي مناسب نه سمجهندا هيا جن کي ٻيهر ڏهرائي نه سگهجي ۽ اهڙي حق يا فائدي کي به وري اچلائي ڇڏجي جنهن جو مُلهه مَٽ ئي نه هجي ۽ جنهن کي وري ٻيهر حاصل به نه ڪري سگهجي. عيسائيت اختيار ڪرڻ ۾ دير ڪرڻ سان اُهي پنهنجن جذبن سان راند ڪرڻ ۽ هن دنيا جي تفريحن کي ملهائڻ ۾ بلڪل آزاد هيا جڏهن ته اهو سندن پنهنجن هٿن ۽ وَس ۾ هو ته جڏهن به چاهن ته ڏوهن مان يقيني ڇوٽڪارو ۽ پنهنجي نجات حاصل ڪري ئي سگهيا.[68] حضرت عيسيٰ (ع - س) جي مٿاهين تعليم ڪانسٽنٽائن جي دماغ کي ته متاثر ڪيو هو پر سندس دل تي ڪو نالي ماتر اثر ڪيو هو. هنجي زندگي جو وڏي ۾ وڏو مقصد خوني جنگين جوٽڻ ۽ اُنهن ۾ فتح حاصل ڪرڻ هيو. هيءُ ڳُجهه انڌاري وارو رستو هو جيڪو هن اختيار ڪيو هو. فتح حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ، هو دولت ۽ ڏيڀي ۾ اهڙو ته مست مگن ٿي ويندو هو جو پوءِ ان ۾ ڪا حد يا اعتدال واري ڳالهه هرگز نه هوندي هئي. پنهنجي برتريءَ کي اٿيوري بهادريءَ جي جذبي، ۽ تراجن ۽ اينٽونينز جي ڏهريت راري فلسفي کان متاهين ڪرڻ جي بجاءِ، ڪانسٽنٽائن پنهنجي رڇيل ۽ معقوليت واري عمر جي حصي ۾ اچي پنهنجي اُها شهرت ۽ نيڪنامي به وڃائي ويٺو جيڪا هن تڏهن حاصل ڪئي هئي جڏهن هو پنهنجي ٽُوهه جواني واري وهيءَ ۾ هيو. جيئن هو حقيقتن ۽ سچ جي ڇاڻ ۾ پنهنجو علم وڌائيندو ويو ته هو نيڪين ۽ چڱاين ۾ اوتروئي پنتي هٽندو ويو ۽ ساڳئي سال ۾ جڏهن هن نائيسيا جي ڪائونسل جو اجلاس سڏاريو هو: اُهو نحوست ۽ بدناميءَ جي ور چڙهي ويو جڏهن سندس وڏي پٽ کي سزا ملي ۽ ڪيس قتل ڪيو ويو.* زوسيمَس[69] جي جهالت ۽ بدنيتي واري تجويزن کي رد ڪرڻ لاءِ هيءَ تاريخ ئي ڪافي آهي، جڏهن هو دعويٰ ٿو ڪري ته ڪرسپَس جي موت ڪانپوءِ، سندس پيءُ جي پڇتاءَ ۽ سندس ضمير جي ملامت، عيسائيت جي رکوالن کان پنهنجن گناهن بخشرائڻ جي وينتي ڪئي جيڪا هن بيوقوفي ڪري لادين پادرين کان طلب ڪئي هئي. ڪرسپَس جي موت جي وقت، شهنشاهه مذهب جي چونڊ ڪرڻ ۾ هاٿي هو ان ڳالهه کان بلڪل باخبر هو ته ڪليسا پنهنجي معصوم تدارڪ جي مسئلن ۾ اُلجهيل هئي توڙي جو هن عمل ڪرڻ کي ملتوي ڪري ڇڏيو هو پر اوچتو موت اچي مٿس ڪڙڪيو جنهن سندس فطري لالچن کي ختر ڪري ڇڏيو ۽ ٻيهر پنهنجن ابن ڏاڏن جي مذهب اختيار ڪرڻ جو خطرو به ختم ٿي ويو. پنهنجي آخري بيماريءَ ۾ جن پادرين کي هن پنهنجي نڪوميديا جي محلات ۾ سڏرايو هو. جوش ۽ عقيدت ۾ نمايان ۽ مٿاهان ٿي نظر آيا جو جيئن ۽ جنهن طريقي سان هن کين عرض ڪيو ۽ عيسائيت جي رسم کي پورو ڪيائون، پر جنهن ۾ شهنشاهه به قسر ٿي واعدو ڪيو ته باقي زندگيءَ ۾ سندس ڪردار اهڙو هوندو جيڪو حضرت عيسيٰ (ع - س) جي هڪ پوئلڳ جو هوندو آهي ۽ نئين مذهب ۾ داخل ٿيڻ* ۽ اچي ڪپڙي سان پاڻ کي اوڍڻ ڪانپوءِ هن نماٽائيءَ مان انڪار ڪري ڇڏيو ته هاٿي هو شاهي وَس وڃا نه پائيندو. ڪانسٽنٽائن جي مثال ۽ سندس شهرت، ائين ٿي لڳو ته سندس عيسائيت اختيار ڪرڻ ۾ دير ڪرڻ جو جواز پيش ڪري رهي هئي.[70] سندس مثال ۾ ايندڙ وقت جي آمرن جي ويتر همت وڌي ته هو پنهنجي حڪومت جي ڏکڻي دوُر ۾ پلي انسانذات جو ڪيترو به رَت وهائن پر اُهو رَت نئين روپ اختيار ڪرڻ جي پاڻيءَ سان بنادير ڏوپچي

ويندو ۽ اها ڳالهه بہ مستند آهي تہ مذهب جي غلط تعبير ۽ ان جي ناجائز استعمال، اخلاقي ۽ روحاني قدرن جي بنيادن کي صفا لوڏي ۽ ڏوڏي ڇڏيو هو.

کليسا جي احسانمنديءَ، هڪ سخي سرواڻ جي نيکين کي تہ آسمان تائين پهچائي ڇڏيو آهي پر سندس کوتاهين ۽ ناڪامين تي پردو بہ وڌو آهي تہ شايد کيس معاف بہ ڪري ڇڏيو آهي، جنهن عيسائيت کي رومي دنيا جي تخت تي ويهاري ڇڏيو هو، ۽ يونان جا ماڻهو، جيڪي هن شاهي درويش جي ڏينهن کي ملهائيندا آهن، ڪانسٽنٽائن جو نالو تيستائين نٿا وٺن جيستائين ان نالي سان هو اهو جملو نٿا ملائن تہ: "ڪانسٽنٽائن جيڪو حوارين جي برابر درجو رکندڙ هيو." [71] اهڙي تشبيهہ، جيڪڏهن ان کي قدرتي پرچارڪن جي حوالي سان پرکيو وڃي تہ ان تي هڪ ناپاڪ خوشامد جو الزام يقينن لڳندو، پر جيڪڏهن اها پيتّ ڪليسائي سوچ جي تعداد ۽ اُنهن جي وسعت جي باري ۾ آهي تہ ان حساب سان ڪانسٽنٽائن جي ڪاميابي پوءِ واقعي حوارين جي برابر وڃي ٿيندي. جيتريقدر سهَپ ۽ برداشت جي اصولن جو تعلق آهي هن اُنهن وقتي نقصانن کي ختم ڪري ڇڏيو هو، جن هن وقت تائين عيسائيت جي واڌاري ۾ رڪاوٽون پئي پيدا ڪيون هيون. سندس ڪيترن ئي شيدائين کي پوريءَ طرح اجازت مليل هئي ۽ ڪين فراخدليءَ سان همٿايو ويندو هو ۽ سچ جي حقيقت ۽ ان کي عام ڪرڻ لاءِ هر ڳالهه بحث مباحثي هيٺ ايندي هئي جيڪا دليلن يا انسان جي نيڪيءَ جي ڪمن تي اثر انداز ٿيندي هئي. ٻين مذهبن کي برابريءَ جي بنيادن تي هلڻ ڏنو ويو پر اُها گهڙي شايد اچي وئي هئي جڏهن مطلب ۽ لالچ واري تيز ۽ تِکي اڪ شايد پروڙي ورتو هو تہ عيسائيت جو سرشتو شايد موجوده دؤر توڙي مستقبل جي زندگيءَ جي ضرورتن ۽ گهرجن سان وڌيڪ نهڪندڙ هوندو. [72] ڏَن دولت ۽ اعزازن جي اُميد، شهنشاهہ جو پنهنجو مثال، سندس نصيحتون، سندس مُنهَن تي سدائين مُرڪ، پٺسن تي هريل ۽ غلاميءَ جي ذهنيت رکندڙ هجوم ۾ شهنشاهہ جو اعتماد وڌي ويو هو جو تہ اهڙي قسر جا ماڻهو ئي شهنشاهن جي محلاتن جي زينت بڻيا آهن. اُنهن شهرن، جن جوش ۽ اُمنگن جو ڪجهہ زياده ئي مظاهرو ڪيو هو ۽ پاٽمرادو مندرن کي ڍاهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، کي ميونسپالٽي جي حقن ۽ فائدن لاءِ نمايان ڪيو ويو هو تہ ساڳي وقت اُنهن جي مالي مدد ڪرڻ جا واعدا بہ ڪيا ويا ۽ مشرق جو نئون گاديءَ جو هنڌ پنهنجي شان شوڪت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو جو تہ قسطنطنيہ ۾ لادينيت واري بتن جي پوڄا ڪڏهن بہ نہ ڪئي وئي هئي. جيئن تہ سوسائٽيءَ جي هيٺين طبقن تي ٻين جي ڪابي ڪرڻ ذريعي حڪومت ڪئي ويندي آهي، اُنهن ماڻهن، جيڪي جرَ، طاقت يا دولت ذريعي ٻين کان منفرد ۽ نمايان هيا، جي نئين مذهب اختيار ڪرڻ ڪري، ڪيترا ئي ٻيا ماڻهو جيڪي اُنهن تي پاڙيندڙ هيا، هجومن ۽ اَنبوهن جي صورت ۾ مذهب ۾ داخل ٿي ويا. [74] عام ماڻهن جي نجات کي ٽورڙي لالچ ڏيڻ ۾ خريد ڪيو ويو، جيڪڏهن اهو سچ آهي تہ، هڪڙي ئي سال اندر، فقط روم ۾ هارهَن هزار ماڻهن کي عيسائي بنايو ويو ۽ ڏري گهٽ اوتري ئي تعداد ۾ عورتون ۽ ٻار بہ عيسائي ٿي ويا ۽ شهنشاهہ واعدو ڪيو هو تہ اڇي پوشاڪ، جنهن ۾ سونَ جا ويهَ ٽڪرا لڳل هوندا، هر ان ماڻهوءَ کي ڏني ويندي جيڪو مذهب ۾ داخل ٿيندو. [75] ڪانسٽنٽائن جو زبردست اثر نہ تہ سندس مختصر زندگي نہ وري سندس حڪومت جي حدن تائين محدود هو. جيڪا هن پنهنجن پٽن ۽ پائٽين کي تعليم ڏياري هئي، ان شهنشاهت کي شهزادن جو هڪ اهڙو نسل عطا ڪيو هو جن جي عقيدي ۾ خلوص ۽ وڌيڪ

ڪارائتو جذبو موجود هو جو تہ اُنهن کي عيسائيت جي روح ۽ اُن جي اصولن جي ڄاڻ کي ٻالڪپڻ ۾ ئي سندن دماغن اندر اوتيو ويندو هو. جنگين ۽ وڻج واپار ذريعي عيسائيت جي باري ۾ معلومات روم جي صوبائي حدن کان ٻاهر اڳتي پکڙجي وئي هئي ۽ بربرن، جن کي هڪ اهڙي فرقي کان سخت نفرت هئي جن جا نالا موت جي سزا پوڳيندڙن ۾ شامل هيا، جلد ئي محسوس ڪيو تہ اهڙو مذهب جيڪو هڪ وڏي ۾ وڏي شهنشاهہ پنهنجي آخري وقت ۾ اختيار ڪيو هو ۽ ان کانسواءِ دنيا جي هڪ مهذب قوم ٻہ ان جي ڇانوَ هيٺ رهڻ پسند ڪيو هو [76] تہ هاڻي هو ٻہ ان جي عزت ڪرڻ لڳا. گاٿ ۽ جرمنس، جن روم جي جهندي هيٺ پاڻ کي داخل ڪيو هو، ٻہ صليب جي نشاني جي عزت ڪرڻ لڳا جيڪا فوجين جي سِرَن مٿان چمڪي رهي هئي ۽ اُنهن جي پرائتن ملڪي ماڻهن ساڻئي وقت تي نئين مذهب ۽ ان جي انساني قدرن بابت سِکيا وٺڻ شروع ڪري ڇڏي هئي. آئبيريا ۽ آرمينيا جا بادشاهہ پنهنجي حفاظت ڪندڙ خدا جي پوڄا ڪندا هيا ۽ سندن رعيت جي ماڻهن، جن هر حال ۾ عيسائين جي نالي جي حفاظت ڪئي هئي، جلدئي پنهنجن رومي پائرن سان هڪ مقدس ۽ دائمي ناتا قائر ڪري ڇڏيا هيا. جنگ جي وقت ۾ فارس جي عيسائين کي شڪ جي نظر سان ڏسو ويندو هو جو تہ اُهي ملڪ کان وڌيڪ پنهنجي مذهب سان پيار ڪندا هيا؛ پر جيستائين هن شهنشاهتن جي وچ ۾ امن جي فضا قائر رهي، ماڳي مذهب جي تڪليف ڏيندڙ روحَ کي، ڪانسٽنٽائن جي مداخلت ذريعي، لغام ڏئي روڪيو ويو. [77] حضرت عيسيٰ (ع - س) جي تعليم ۽ عقيدت جا ڪِرڻا هاڻي هندستان جي ڪنارن تائين پهچي ويا، يهودين جون ڪالونيون، جيڪي عربستان ۽ حبش [78] ۾ ڇانئجي ويون هيون، اُنهن عيسائيت جي واڌاري جي مخالفت ڪئي، مگر پرچارڪن جي محنتن کي، حضرت موسيٰ (ع-س) جي الهام جي اڳوات ئي سَڏ هئي ۽ حبش وارا ايا تائين فرومينٽيس کي عزت ۽ احترام سان ياد ڪندا هيا، جنهن، ڪانسٽنٽائن جي دؤر ۾، پنهنجي زندگي ڪُنڊائتن ۽ ٻين کان ڏُنل علاقن جي ماڻهن جي مذهبي تبديلي لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي، سندس پُٽ ڪانسٽنٽيس جي حڪومت ۾، ليوفيلس، [79] جيڪو حسب نسب ۾ هندستاني هيو، کي ساڻي وقت ۾ ٻہ عهدا سؤنپيا ويا يعني سفير ۽ بشپ جي ڪيس ٻڌي ذميداري سؤنپي وئي. هو فورن ڪپاڊوشيا جي بهترين نسل جي ٻن سَوَن گهوڙن سان ڳاڙهي سمنڊ جي مهر جي سلسلي ۾ روانو ٿيو. اهي گهوڙا شهنشاهہ، سيبينس يا هومرائيٽس جي بادشاهہ ڏي تحفي طور موڪليا هيا. ليوفيلس کي ٻيا ٻہ ڪيترائي قيمتي تحفا ڏنا ويا هيا جيڪي سندس واکاڻ ۽ تعريف کي عام ڪندا ۽، سندس خيال موجب، انهن ذريعي بربرن سان دوستيءَ جو رشتو پڪ هموار ٿي سگهندو ۽ اهڙيءَ طرح هن ٻهراڙيءَ جي سخت گرم علاقن ۾، ڪليسائون گهمندي ڪيترائي سال گذاري ڇڏيا. [80]

روم جي شهنشاهن، قومي مذهب جي نهايت ئي اهر ۽ خطرناڪ تبديليءَ جي سلسلي ۾ پنهنجي طاقت کي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. فوجي طاقت جي ڏاهڪاءِ لاڀنن جي پُڻ پُڻ، جنهن کي ڪو سهارو ٻہ نہ هو، کي تہ خاموش ڪرائي ڇڏيو پر اها توقع تورِي دليل ٻہ هيا تہ عيسائي مذهب جي ماڻهن جي رضا خوشيءَ واري تابعداري سندن ضمير جي آواز ۽ احسانمنديءَ جو نتيجو هئي. اها ڳالهہ گهٽي عرصي کان ولي، روم جي آئين جي بنيادي قانون جي اصول مطابق طئي ٿي چڪي هئي تہ شهرين جو جيڪو ٻہ طبقو هو پوءِ يلي ڪيڏي ٻہ رتبي وارو شخص ڇو نہ هجي، هر شهريَ روم جي قانون موجب رعيت جو حصو هو ۽ اهڙيءَ طرح مذهب جي سنيال ٻہ، هڪ شهري مئجسٽريٽ لاءِ نہ رڳو

سندس حق هو پر سندس ذميواري پڻ اوتري ئي هئي. ڪانسٽنٽائن ۽ سندس جانشينن، شايد پنهنجي پاڻ کي مطمئن ڪري نه سگهيو هو ته اُنهن پنهنجي مذهب جي تبديليءَ سان، شاهي حقن ۽ خاص رعايتن جي پڇڙي ڪئي هئي يا اُهي ان جا اهل ئي ڪونه هيا ته ان مذهب کي اُهي قانون بہ عطا ڪن جيڪو اُنهن اختيار ڪيو هو ۽ جنهن جي حفاظت جو ذمو پڻ کنيو هو. شهنشاهن وٽ اڃا تائين ڪليسائي سرشتن مٿان ڪين پورا پورا انتظامي اختيار هيا، ۽ ٿيوڊوسين ضابطي جو سورهون ڪتاب، مختلف عنوانن هيٺ واضح ٿو ڪري ته شهنشاهن کي ڪئٿولڪ چرچ جي حڪومت تي بہ پورا اختيار حاصل هيا.

پر روحاني ۽ دنياوي اختيارن جو فرق، [81] جيڪو يونان ۽ روم جي مزاج تي ڪڏهن بہ مڙهيو نه ويو هيو، عيسائيت جي قانوني طور لاڳو ٿيڻ شرط، انجي، ماٿهن ۾ نہ رڳو شهرت ڪرائي وئي پر انکي لاڳو ڪري ان جي تصديق بہ ڪرائي وئي. وڏي پادريءَ جو عهدو، جيڪو نُوما جي وقت کان وٺي آگسٽس تائين لڳاتار ڪنهن ناميارين سينيٽر وٽ رهيو هو، سو بہ شاهي وقار جي حوالي ڪيو ويو. ملڪ جو پهريون مئجسٽريٽ، جنهن جي وهمن يا وري ڪُنهن پاليسيءَ هيٺ ڪجهہ خوشامد ڪئي ويندي هئي، ڪليسا جي نظرداريءَ جا سيبيئي ڪر پاڻ پنهنجن هٿن سان ڪُندو هو. [82] ۽ پادرين جي وڏَّ ننڍ ائيءَ جوڪو سلسلو روم توڙي ٻين صوبن ۾ بہ ڪو نہ هو جيڪي پنهنجي پاڻ کي ڪُنهن مقدس ڪر لاءِ وقف ڪري ڇڏين يا وري خدائن سان ويجهائيءَ واري رشتي يا اُنهن سان پيغامن جي ڏي وٺ جي دعويٰ ڪري سگهن. پر عيسائي ڪليسا ۾ قربانگاهن جي نظرداري يا خدمت چاڪري پاڪ ڪيل وزيرن جي هڪ سلسلي کي دائمي طور تي سڃپي ويندي آهي ۽ جتي حاڪر جنهن جو رتبو ننڍي ۾ ننڍي راهب جي رتبي يا اعزاز ڪَان بہ گهٽ هوندو آهي، پاڪ جاءِ جي چانئٽ کان بہ هيٺ ويٺل هو ۽ ماٿهن جي هجوم جي مسئلن ۾ اُلجهيل هيو. [83] شهنشاهہ کي عوام جي پيءُ جي حيثيت سان پلي سلام بہ ڪيو ويندو هو ته ڪيس تعظيم بہ ڏني ويندي هئي پر هُو بہ ڪليسا جي وڏَن ۽ بزرگن آڏو هٿ سندن پُٽيلو ۽ سندن احترام ڪندڙ هيو: ۽ اُها ئي ساڳي عزت، جيڪا ڪانسٽنٽائن، درويشن، بزرگن ۽ پنهنجيون ڪوتاهيون مجيندڙن کي ڏني هئي، پادرين جي سلسلي ماٿهن کان اوتري ئي لهٽي ۽ حاصل بہ ڪئي. [84] شهري ۽ ڪليسائي انتظامن جي سلسلي ۾ منجهن هڪ ڳجهي طريقي جو جهيڑو جهڳڙو پاڻ ۾ شروع ٿي ويو جنهن روم جي حڪومت کي ڪافي پريشان ڪري ڇڏيو ۽ نيٺ شهنشاهہ ان گناهہ کان بنهہ ڇڙيل هو جيڪو اقرار نامي جي پناهہ گاهہ کي پليد هٿن سان ڇُهڻ ذريعي سرزد ٿيو هو. مردن جو ٻن طبقن ۾ ورهائجڻ يعني هڪڙو مذهبي ۽ ٻيو عام ماٿهن جو طبقو، تہ اها قديمي قومن لاءِ هڪ عام ۽ پراڻي ڳالهہ هئي ۽ هندستان، فارس، اسيريا، جوڊيا، حبش، مصر ۽ گال جي پادرين پنهنجا عارضي اختيار ۽ ملڪيتون سڏو سنئون بهشت منجهان حاصل ڪيون هيون. هي عزت وارا ادارا آهستي آهستي طور طريقن يا سندن ملڪي حڪومتن ۾ تبديل ٿيندا ويا؛ [85] پر شهري حڪومت جي مخالفت يا ان خلاف نفرت، اوائلي ڪليسا جي نظم ۽ ضبط کي قائم ڪرڻ ۽ اُنجي رُخ کي مقرر ڪرڻ ۾ انجي واضح مدد ڪئي. عيسائين کي لازمي طور پنهنجا مئجسٽريٽ چونڊڻا پوندا هيا ته جيئن هو ناٿي کي گڏ بہ ڪري سگهن ته ان جي ورچ بہ مناسب طريقي سان ڪري سگهن ۽ پنهنجي جمهوريہ جي اندروني پاليسين کي قانون جي دائرن ۾ آڻي، صحيح ۽ صاف طريقي سان هلائي سگهن. قانون بہ اُهي جيڪي ماٿهن

جي رضا خوشيءَ سان منظور ڪيا ويا هيا ۽ جن کي گذريل ٽن سؤ سالن کان ڪاميابيءَ سان هلايو ٿي ويو. جڏهن ڪانسٽنٽائن، عيسائين جو مذهب اختيار ڪيو هو تہ ڪيس محسوس ٿيو هو تہ هن هڪ نمايان ۽ دائمي رهندڙ سوسائٽيءَ سان پنهنجا لڳ لاڳاپا قائم ڪيا هيا جيڪي سدائين رهڻ وارا هيا ۽ جيڪي حق ۽ فائدا ان شهنشاهہ يا سندس جانشينن عيسائين کي پهچايا هيا، اُنهن کي شهنشاهہ طرفان جوڪائتي مهرباني‌ءَ طور قبول نہ ڪيو ويو هو پر ڪليسائي سرشتي جي معقول ۽ هڪ اهڙي جائز حق طور ان کي قبول ڪيو ويو هو جنهن کان کين ڪو بہ محروم نٿي ڪري سگهيو.

ڪنٽولڪ ڪليسا جو روحاني ۽ قانوني انتظام ارڙهن سؤ پادري سنپالينديا هيا: [86] جن منجهان سڀني شهنشاهت ۾ هڪ هزار يوناني ۽ اٺ سؤ لاطيني صوبن ۾ مقرر ٿيل هيا. سندن انتظامي ضلعن جون حدون ۽ وسعتون، پهريون پرچارڪن جي جذبن ۽ اُنهن جي ڪاميابين مطابق حادثاتي طور تي ٿهي ويون هيون تہ ساڳي وقت ان ۾ ماڻهن جي منشا ۽ مرضي بہ شامل هئي ۽ اهو بہ ڏسڻو پوندو هو تہ حضرت عيسيٰ(ع - س) جي تعليم ۽ پيغام جي ڪيتري مشهوري ۽ تبليغ عمل ۾ آئي هئي. بشپن طرفان هلائجندڙ ڪليسائون گهڻو ڪري ٿيل ندي جي ڪنارن سان گڏ ناهيون ويون هيون، تہ ساڳي وقت اُهي آفريڪا جي ساموندي ڪنارن، ايشيا جي اُنهن علاقن ۾ جتي مسجسريٽن کي مقرر ڪيو ويو هو تہ گڏوگڏ اٽلي جي ڏاڪڻين صوبن ۾ پڻ جوڙايون ويون هيون. گال، اسپين، ٽريس ۽ پونٽس جا بشپ تمام وڏي علاقي تي حڪومت ڪندا هيا ۽ پنهنجي ڳوناڻن نائب بشپن کي ڳوناڻي زندگيءَ بابت ڀهراڙيءَ جي ڪيترن ئي ڪمن جون ڊيوٽيون سونپي ڇڏيندا هيا. [87] هڪ عيسائيءَ جو ضلعو يا تہ صوبي جي حد تائين بہ وڏي ٿي سگهيو يا وري هڪ نندي ڳوٺ جي حد تائين نندو بہ ٿي پئي سگهيو. ۾ سڀني بشپن جو برابريءَ وارو ۽ اٽمٽ ڪردار هو: اُنهن سڀني پنهنجا ساڳيا اختيار ۽ فائدا حوارين کان، ماڻهن کان ۽ قانونن ذريعي حاصل ڪيا هيا. هڪ طرف شهري ۽ فوجي ڏميدارين کي، ڪانسٽنٽائن جي پاليسيءَ هيٺ الڳ ڪيو ويو هو تہ ٻي طرف وري ڪليسائي وزيرن جو هڪ نئون ۽ دائمي سلسلو، جيڪو سدائين باوقار ۽ ڪڏهن خطرناڪ بہ هيو، چرچ ۽ ملڪ ۾ قائم ڪيو ويو. سندن عهدن ۽ وصفن بابت هڪ تجزيي کي هيٺين عنوانن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

I مشهور يا عوامي چونڊون.

II بشپ يا پادري ناهڻ جو عمل.

III ملڪيت.

IV شهري انتظام.

V روحاني ناپسنديدگي.

VI عوامي سطح تي فصاحت بلاغت جو عمل.

VII قانون ساز اسيمبلين جا حق ۽ فائدا.

I عيسائيت جي قانوني طور تي قائم ٿيڻ [88] کانپوءِ گهٽي وقت تائين چونڊن جي آزادي قائم رهي ۽ روم جي رعيت جي ماڻهن ڪليسا جي اداري ۾ جيڪي فائدا حاصل ڪيا اُهي کين جمهوريہ ۾ نہ ملي سگهيا هيا. خاص

طرح مئجسٽريٽن جي چونڊ جن جي فرمانبرداري ڪرڻ متن لازمي هئي. جيئن ئي ڪو بشپ هن دنيا مان هليو ويندو هو، تہ شهري انتظاميہ ان جون عارضي ذميواريون نائب بشپ جي حوالي ڪندي هئي تہ خالي جڳهہ جي سار سنيال لهي ۽ محدود وقت جي اندر ايندڙ چونڊن جو انتظام ڪري. ووٽ ڏيڻ جو حق نندن بشپن جي حوالي هوندو هو جيڪي اُميدوارن جي اهليت کي جاچڻ لاءِ بيحد معقول ۽ مناسب ماڻهو هوندا هيا: اُميدوار سينيٽر يا شهر جا معزز ماڻهو يا وري اُهي جيڪي پنهنجن رتبن يا دولت ۽ ملڪيت ذريعي نامياريا هوندا هيا تہ اُهي سيئي چونڊن ۾ حصي وٺڻ جا حقدار هوندا هيا. مقرر ڏينهن تي ماڻهن جا بيشمار هجوم، ضلعن جي پرانهن پنڌن تان اچي هڪ جڳهہ تي جمع ٿيندا هيا [89] ۽ پري کان ئي نعرا ۽ هوڪرا هٽندا ايندا هيا پر کين خاموش ڪرايو ويندو هو ۽ ڪڏهن تہ سندن گوڙ گبوڙ جا آواز دليلن کي بہ نہ مجيندا هيا ۽ نظر ۽ ضبط جي قانونن کان بہ بالاتر ٿي ويندا هيا. هي واهہ واهہ ۽ شاباسَن جا آواز اتفاقي طور تي ڪڏهن قابليت رکندڙ ۽ چٽاييٽي ڪندڙ جي دماغ ۾ گهر ڪري ويهي رهندا آهن. پرءِ توڙي اُهو بزرگ پادري هجي، يا ڪو پارسا ٻائو هجي، يا عام ماڻهو هجي يعني جيڪو بہ پنهنجن جذبن ۽ نيڪين ۾ نمايان هجي. پر شهنشاهت جي وڏن ۽ دولتمند شهرن ۾، پادريءَ جي ڪرسي، روحاني نہ پر عارضي ۽ دنياوي اعزاز لاءِ طلب ڪئي وئي هئي. دلچسپيءَ جون جهلڪيون، خودغرضي ۽ ڪاوڙ جا جذبا، دوکي واريون مڪاريون، ٻهروپيائي، چپ چاپ واري بدعنواني، ڪُليو ڪلايو رتو چاڙ ۽ تشدد: اهڙن اوڪٿن، جن اليڪشن جي آزاد فضا کي اڳين وقتن ۾، گڏيل دولت جي ملڪن يونان ۽ روم ۾ بنهہ بيحرمتو ڪري ڇڏيو هو، حوارين جي چونڊ ڪرڻ ۾ اهڙين بچڙاين جا پاڇا هاٿي بہ پٽجي رهيا هيا. اهڙو ماحول هو جو هڪڙي اُميدوار پنهنجي خانداني بلنديءَ جون ڏاڙون ٿي هنيون تہ ٻيو وري ججن کي ان ڳالهہ تي هرکائي رهيو هو تہ سندس ٽيبل تي جهجها مال بہ پيل هٿ ۽ اُها کيتري نہ خوبصورت هئي تہ ٽيون جيڪو پنهنجن مقابلي ڪندڙن ۾ سيني کان اڳيرو هو، ڪليسا جي ڪُرمار ڪرڻ ڪانپوءِ ان لُٽيل مال ورهائڻ لاءِ ماڻهن کي هرکايو ۽ اُنهن کي بہ حصي ڏين جو واعدو ڪيو جيڪي هن بي حرمتيءَ جي ڪُرمار ۾ سندس ساٿي هيا. [90] شهري توڙي ڪليسائي قانون ذريعي ڪوشش ڪئي وئي هئي تہ عام ماڻهن کي هن مقدس ۽ اهم ڪم ۾ شامل نہ ڪيو وڃي بلڪ کين پري رکيو وڃي. نظر ۽ ضبط جي قديمي ڪليسائي قانون موجب بشپ جي رتبي لاءِ ڪافي لياقتون گهربل هونديون هيون. جيئن سندس عمر، مرتبو وغيرہ جن جي ڪري ووٽ ڏيندڙن جي هر گهڙي تبديل ٿيندڙ مُوڊ ۽ مرضيءَ کي ڪافي حد تائين روڪي سگهبو هو. صوبائي بشپن جي اختيارن، جيڪي خالي ڪليسا ۾ انڪري جمع ٿيندا هيا تہ عوام جي چُونڊ ڪرڻ وارين مرضين کي پاڪ ڪري سگهن، ۾ بہ مداخلت ڪئي ويندي هئي تہ جيئن اُنهن جي جذبن کي معتدل ڪري سگهجي ۽ سندن غلطين کي درست ڪري سگهجي. بشپن کي اهو اختيار بہ ڏنل هو تہ هو نالائق اُميدوارن کي شريڪ ٿيڻ کان منع ڪري سگهن ۽ مقابلي ڪندڙ طبقا ڪاوڙ ۽ تيش ۾ هئڻ جي باوجود بہ ڏُرين ۾ سندن غير جانبداريءَ واري ٽياڪڙي يا صلح صفائيءَ کي قبول ڪندا هيا. مختلف موقعن تي مذهبي ماڻهن توڙي عوام جي طرفان فرمانبرداري يا مزاحمت ذريعي مختلف مثال قائم ڪيا ٿي ويا جيڪي غير محسوس ٿيندڙ طريقي سان اڳتي هلي پکن پختن قانونَن ۽ صوبائي رواجن ۾ بدلجي ويا: [91] پر اها ڳالهہ مذهبي پاليسيءَ جي بنيادي اصول طور هر جڳهہ تي مڃي ٿي وئي تہ بنيادي ڪليسا جي ميمبرن جي مرضيءَ ڪانسواءِ ڪنهن بہ بشپ کي ڪنهن بہ

چرچ ۾ زوريءَ مقرر نہ ڪري سگھيو ھو. شهنشاھ، ملڪ جي امن امان جي محافظ جي حيثيت ۾ ۽ روم جي تولڙي قسطنطنيہ جي پھرين شھرين ھڻڻ جي ناتي سان، وڏي پادريءَ جي حق ۾ پنھنجو پُرزور فيصلو ڏئي پئي سگھيا، پر حاڪم جي سڀني اختيارن رکڻ جي باوجود، اُنھن ڪليسائي چونڊن جي آزاد فضا جو احترام ڪيو ھو ۽ ھڪ طرف ھنن ملڪ ۽ فوج جي اعزازن کي ورھايو ۽ ھيو تہ وري اُنھن کي واپس ۽ ورايو ھو تہ ٻي طرف اُنھن ارڙھن سؤ مٽجسٽريٽن کي اجازت ڏني ھئي تہ ماٿين جي آزاد الیکشن جي نتيجي ۾ عوام کان پنھنجا عُھدا وصول ڪن ۽ اُنھن تي پنھنجو ڪر ڪرڻ شروع ڪري ڇڏن. [92] اھو انصاف جي تقاضا جي عين مطابق ھو تہ ھي مٽجسٽريٽ اُھا عزت واري جڳھ ڇڏي نہ ڏين جتان کين ڪڍي يا ھٽائي ۽ نہ سگھيو ھو پر صلاحڪارن جي دانشمنديءَ ڪنھن خاطر خواھ ڪاميابيءَ ڪانسواءِ ڪوشش ڪئي ھئي تہ رھائش واري اصول کي لاڳو ڪيو وڃي ۽ بشپن جي ھڪ کان ٻي جڳھ تبديل ڪرڻ جي عمل کي روڪيو وڃي. مغرب جو نظر ۽ ضبط حقيقت ۾ مشرق جي مقابلي ۾ نرم گھٽ ھيو، پر ساڳيا جذبا جن ضابطن ۽ اصولن کي لازمي بنايو ھو اُنھن ئي وري کين بي اثر ۽ بيڪار بہ ڪري ڇڏيو. وڏن پادرين جن سخت ڪاوڙ مان ھڪ ٻئي جي خلاف الزام تراشيون ڪيون ھيون، سندن ئي غلطين ۽ ھڪ ٻئي جي نادانين کي وائکو ڪري ويترڪين بيعزتو ڪيو ھو.

II روحانيت کي پيدا ۽ عام ڪرڻ جي طاقت ۽ اھليت فقط بشپن وٽ ھئي ۽ ھيءَ انوکي ۽ اُتاھين خاصيت، سدائين ڪنواري [93] رھڻ جي عذاب واري ڪيفيت جو شايد ازالو ڪندڙ ھئي، جيڪا نيڪي ۽ ڏيوتيءَ جي روپ ۾ مٽن مڙھيل ھئي ۽ آخرڪار ڇڻ اُھو فرض ھو جيڪو کين ھر حالت ۾ پورو ڪرڻو ھو. قديمي ۽ اوائلي مذھبن، جن ۾ پادرين جا مختلف عھدا ھوندا ھيا، ھڪ پاڪ ذات، قبيلو يا خاندان ھوندو ھو جيڪو فقط ۽ فقط خدائن جي دائمي خدمت چاڪريءَ لاءِ وقف ھوندو ھو. [94] اھڙا ادارا سوڳن حاصل ڪرڻ لاءِ نہ ۾ کين قائر رکڻ لاءِ ناھيا ويا ھيا. پادرين جا ھارَ فخر ۽ بيپرواھيءَ منجھان پنھنجي حقَ حلال جي وڏن جي ورثي ۾ خوش پيا گذارينداھيا ۽ جوش جذبن جي اُجھل اوھر کي لڳَ لحاظ، خوشين ۽ گھريلو زندگيءَ جي پيار ۽ محبتن ذريعي ماناڻو ڪري ان جو رُخ خوشگوارين ۽ سُکون جي ماحول ڏي موڙي ڇڏيندا ھيا. ۾ عيسائين جي عبادتگاھ يا ڪابہ پاڪ جڳھ ھر معقول اُميدوار لاءِ ھر دم کليل رھندي ھئي جنھن کي جنت بابت ڪيل واعدن جو اونو ھوندو ھو يا وري عارضي مال ملڪيت جو خواھشمند ھوندو ھو. پادرين جي عھدي کي، فوجين يا مٽجسٽريٽن جي عھدن وانگر، اُھي ماٿو وڏي جوش ۽ چاھہ مان سنپالينداھيا جن جي طبيعت ۽ لياقت جو لاڙو ۽ شوق ئي اھڙو ھو جنھن موجب اُنھن ڪليسائي مذھبي ترغيب اختيار ڪئي ھئي يا وري اُنھن کي ڳوڙھي نظر رکندڙ بشپن وڏي غور کان پوءِ چونڊيو ھو تہ اُھي ھر لحاظ کان قابل ۽ ان ڳالھہ جا اھل ھيا تہ ھو ڪليسا جي شان شوڪت ۽ ان جي تقدس ۽ مفادن جو ھر لحاظ سان خيال رکندا. بشپن [95] (جيستائين ان عھدي جي غلط استعمال کي قانون ذريعي لغار ڏنو ويو) جو فرض اھو ھو تہ آرڊن يا ھٿيلن کي زيادتين ڪرڻ کان روڪن ۽ مظلومن جي حمايت ڪن ۽ کين ھٿن سان ڇُھڻ واري عمل شھري سوسائٽي کي بيحد فائدي وارا حقَ ھميشہ واسطي عطا ڪري ڇڏيا. ڪئٿولڪ مذھبي ماٿين جي پوري سرشتي کي، جيڪي شايد فوجين جي تعداد کان بہ گھٽا ھيا، شهنشاھ طرفان ھر ڏيوتي يا خدمت ڪرڻ جي چوٽ ڏنل ھئي، مثال طور حڪر ھو تہ اُھي

کاب قومي يا خانگي ڏيوتي نہ ڏيندا. ميونسيپالٽي جو کو بہ ذاتي يا مجبوريءَ هيٺ اوگاڙيو ويندڙ ٽئڪس، جنهن ۾ شهرين ۽ رعيت جي ماٺهن جي چيلهہ ۾ ڇڏي هئي، بہ نہ ڏيندا. باقي هو مذهب يا عبادتن بابت جيڪي ڏيوتين پاٺمرادو ڏيندا هيا يا جمهوريہ جي سلسلي ۾ ڪجهہ ڪرڻ چاهيندا هيا تہ فقط اُنهن ڪمن کي قبول ڪيو ويندو هو. [96] هر بشپ کي رعيت جي مذهبي ماٺهن تي پرپور ۽ اٽموٺ اختيار هوندا هيا جن کان هو دائمي فرمانبرداري ونڊندا هيا. پادرين جي هر ڪليسا جي مذهبي ماٺهن پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ هڪ باقاعدي ۽ مستقل سوسائٽي ٺاهي ورتي هئي ۽ قسطنطنيہ [97] توڙي ڪارٿيج [98] جي وڏين ڪليسائن ۾ پنج سؤ ڪليسائي وزيرن جي نفري رکيل هئي. سندن عهدا [99] توڙي تعداد، وقت جي وهمن وسوسن سان گڏ چُپ چاپ ۾ وڌندا رهيا ۽ نيٺ اهڙو وقت بہ آيو جو ڪليسا جي احاطي جي اندر يهودين ۽ لادينن جي مندرن جون شاندار رسمون ملهائجڻ لڳيون ۽ پادرين، راهبن، نائب راهبن، پادرين جي خدمتگارن، پوپن، پڙهندڙن، ڳائيندڙن، ۽ دربانن جي هڪ ريل پرجي آئي جن پنهنجن مختلف عهدن ۽ ڏيوتين کي اڇي سنپاليو ۽ بظاهر ائين ٿي لڳو تہ مختلف مذهبن جي هڪ جڳهہ تي گڏجي عبادت ڪرڻ سان ديني شان شوڪت وڌي ويو هو ۽ هڪ مذهبي هر آهنگي جو منظر پيدا ٿي ويو هو. ڪليسائي لقب ۽ انجا فائدا ڪيترين ۽ نيڪ مذهبي برادرين کي آڇيا ويا جن وڏي خلوص ۽ عقيدت منجهان عيسائي تخت جي عظمت کي قبول ڪري ورتو هو. [100] جهن سوَن قسمت آزمائيندڙن اليگزئندريا جي بيمارن جو حال وڃي معلوم ڪيو ۽ يارهن سؤ قبرون کوٽيندڙن، قسطنطنيہ ۾ مئلن کي وڃي دفنايو ۽ ٻاوَن جا لشڪر جيڪي نيل نديءَ مان اوچتو نمودار ٿي پيا ۽ پُڻ پُڻ ڪندي هر طرف پکڙجي ويا ۽ اُنهن سيني گڏجي سڃي عيسائي دنيا جو مُنهن ڪارو ڪري ڇڏيو.

III مِلن ۾ جاري ڪيل فرمان ذريعي، چرچ جي ناٿي توڙي امن امان کي تحفظ ملي ويو هو. عيسائين کي نہ رڳو سندن زمينون ۽ گهَر واپس موٽي مليا جيڪي ڊائڪليشين جي اڌيتن وارن قانونن هيٺ ڪانئن کسيا ويا هيا، پر قانوني طور مالڪاٿا حق بہ کين ڏنا ويا جيڪي کين اڳ مئجسٽريٽن جي رضا ۽ مرضيءَ سان حاصل هيا. جيئن ئي عيسائيت، شهنشاهہ ۽ شهنشاهت جو مذهب بنجي وئي، تہ عيسائي هاٿي عزت واري گذر سفر ۽ شانائتي زندگي گذارڻ جو مطالبو ڪري ٿي سگهيا؛ ۽ سالياتو ٽئڪس جيڪڏهن مڙهيو وڃي ها تہ اهو ماٺهن کي ان عذاب منجهان نجات ڏياري ها جيڪو خراج يا ڏنڻ ذريعي ماٺهن کان وصول ڪيو ويندو هو ۽ جيڪو وهمن وسوسن جي روايتن ذريعي ڪنهن مذهب جي مجيندڙن تي لڳايو ويندو هو. پر جيئن تي ڪليسا جي واڌاري سان گڏ اُن جون گهُرجون ۽ خرچ بہ وڌي ويا هيا، تہ اهڙي صورتحال ۾ مذهب جي عقيدتمندن طرفان پاٺمرادو صدقن ۽ خير خيراتن ذريعي عيسائيت جي هر ممڪن مدد ڪئي ٿي ويئي. مِلن جي فرمان کان اڳ سان پوءِ، ڪانسٽنٽائن، شهنشاهت جي رعيت جي ماٺهن کي هڪ آزاديءَ واري ۽ آفاقي اجازت ڏئي ڇڏي هئي تہ هو پلي ڪٿولڪ ڪليسا [102] جي لاءِ پنهنجين وصيتُن ۾ جيڪو ڪجهہ ۽ جيترو بہ ڇڏڻ چاهين تہ ڇڏي ٿي سگهيا، ۽ عقيدتمندن جي فراخ دلي، جيڪا شايد سندن زندگيءَ ۾ عياشين يا لوڀ لالچ ڪري ايتري نظر نہ ايندي هئي، پر سندن مرڻ وقت اُنهن ڇڻ ان جا واهڙ وهائي ڇڏيا ۽ وڏي ڪشاده دليءَ جو مظاهرو ڪيو ويو. جيڪي شاهوڪار ۽ دولتمند عيسائي هيا، پنهنجي حاڪر جي فراخدليءَ جي مثال مان کين وڏي همت انزائيءَ جو اُتساهہ مليو. هڪ لامحدود اختيار رکندڙ حاڪر جيڪو اباٿي ورتي ڪانسواءِ بہ شاهوڪار آهي،

سڀ لياقت ۽ اهليت کان بغير به سخي ٿي سگهي ٿو: ۽ کانسٽنٽائن جو عقيدو هو ته هو بهشت جي نائدن ۽ آسائشن کي خريد ڪري ونڊندو، پر شرط هو ته جيڪڏهن هن محنت جي زور تي پنهنجي واندڪائيءَ کي قائم رکيو ۽ درويشن ۽ بزرگن ۽ جمهوريه جي دولت کي ورهائي ڇڏيو. ساڳيئي پيغام ڪٿي ويندڙ جيڪو مئڪسينٽيس * جي وڊيل سِرَ کي آفريڪا ڪٿي ويو هو، کي شايد چيو ويندو ته هو ڪارٿيج جي بشپ سٽسيليَن ڏانهن، شهنشاهه جو پيغام يا خط ڪٿي وڃي. شهنشاهه کيس ٻڌائي ٿو ته صوبي جي خزانن کي حڪر ڏنو ويو هو ته کيس ٽي هزار فولس يا اڑهن هزار پائونڊ اسٽرلنگ ڏنا ويندا ۽ جيڪڏهن ضرورت پئي ته ڪجهه وڌيڪ رقم به ڏئي سگهجي ٿي پر فقط تڏهن جڏهن آفريڪا، نيوميديا ۽ ماريٽنيا [3] جي ڪليسائن جي گهُربل ۽ پوري پوري مدد ڪئي وڃي. کانسٽنٽائن جي فراخدلي جيتري حد تائين سندس عقيدي طرف وڏي ته براين ڏانهن به اوتري ئي حد تائين سفر ڪيو هيائين. هن هر شهر ۾ ماڻهن لاءِ اَنَ جي طئي ٽيل حد مقرر ڪئي، ڪليسائي خير خيراتن لاءِ خاص رقم رکي وئي، ۽ ٻنهي جنسُن يعني مرد ۽ عورتون جن خانقاهي زندگي اختيار ڪئي هئي، سي شهنشاهه جا پسنديده ماڻهو بڻجي ويا. انٽنڪ، اليگزنڊريا، جيروسلم، قسطنطنيه وغيره جي مندرن شهنشاهه جي ڏيکاوَ يا نماءِ واري نيڪيءَ جو پرچار ڪيو جنهنجي لاءِ سندس آخري عمر ۾ به ڪيس اها آس هئي ته ڪنهن طرح قديمي دوَر جي شان شوڪت سان برابري ڪري سگهي. [104] مذهبي عمارتن جي بيهڪ سادگي واري هئي جنهن ۾ ويڪر گهٽ ۽ ڊيگهه زياده رکيل هئي، ڪٿي ڪٿي وري اُهي جايون يا ماڙيون گُنبذ نما پڻ نهيل هيون ۽ ڪٿي وري سنهيون ٿي صليب جيان پڻ ٺاهيون ويون هيون. جڳهن ۾ جيڪو ڪاٺ استعمال ڪيل هو، اُهو لبانَس * جي صنوبر جو هو: ڇت ٽائلن سان ڍڪيل هئي جيڪي پٽل جون هيون ۽ مٿن سونو پاڻي چڙهيل هيو ۽ ديوارون، ٽنبا ۽ جاين جي وچ وارا رستا عمدي پٿر يا ماربل جا ٺهيل هيا. تمام عمدا ۽ قيمتي سون ۽ چاندي، جا زيور، ريشم، موتي ۽ گوهر، قربانگاهن جي خدمتن لاءِ اربيا ويا هيا ۽ اهڙن شاندار ۽ عظيم الشان ڪمَن ۽ جاين جڳهن جي سينگارن کي زميني ملڪيت جي مضبوط ۽ دائمي پٺيراڻي هئي. ٻن صدين جي عرصي ۾. کانسٽنٽائن جي حڪومت کان وٺي جسٽينين جي دوَر تائين، شهنشاهت جي اڑهن سؤ ڪليسائن کي شهنشاهه ۽ عوام جي آٽموٽ نذرانن، سوڪڙين ۽ تحفن ذريعي مالا مال ڪيو ويو. بشپ پنهنجي گذاري ۽ هلچل جي سلسلي ۾ جو سؤ پائونڊن جي سالياني آمدني آسانيءَ سان ڪري ويندا هيا جن کي مالي طرح مناسب معيار تي رکيو ويندو هو ته نه ايڏا شاهوڪار هجن ۽ نه وري سُڄا ٿي ٻُک مرن. [105] پر سندن دولت جي معيار کي به آهستي آهستي مٿاهون ڪري اُنهن شهرن جي معيار موجب ڪيو ويو هو جن تي سندن حڪومت هئي. ڪرايي تي ڏنل ملڪيت جو مستند پر ڪجهه اٽپورو [106] احوال مليو آهي جنهن موجب ڪيترائي گهَر، دڪان، باغ ۽ زمينن جا وڏا فارم روم جي ٽن ڪليسائن جي مالڪن يعني سينٽ پيٽر، سينٽ پال ۽ سينٽ جان لٽَران، جا هيا. سندن اهي ملڪيتون، اتلي، آفريڪا ۽ اوپر جي خطن ۾ هيون جن منجهان ڪين وڏي اُپت ٿيندي هئي. جيڪو مقرر ڪرايو ڪين تيل، ڪپڙي، ڪاغذ ۽ خوشبو جي وٽج واپار مان ملندو هو، ان کانسواءِ به سندن سالياني آمدني ٻاويهه هزار سون جا ٽڪرا يا ٻارهن هزار پائونڊ اسٽرلنگ جي برابر هوندي هئي. کانسٽنٽائن ۽ جسٽينين جي زماني ۾ بشپن وٽ ڪا ملڪيت ڪانه هوندي هئي پر شايد اُهي ان قابل هيا ٿي ڪين جو ڪليسا جا ماڻهو يا عوام شڪ کان خالي اعتماد مٿن ڪري سگهن. هر ضلعي جي ڪليسا جي آمدني ڇٽن

حصن ۾ ورهائجي ويندي هئي: مختلف قسمن جي استعمال لاءِ، بشپ جي پنهنجي خرچ هلائڻ لاءِ، سندس نائب پادرين ۽ ٻي هيٺئين عملي لاءِ، ۽ غريبن ۽ عام ماڻهن جي عبادت لاءِ؛ ۽ هن مقدس امانت جي بار ۾ کنهن به قسم جي خيانت جو انديشو ڪرڻ هوندو هو جو اهي معاملا سخت نظرداري ۽ معائني هيٺ رهندا هيا. [107] ڪليسا جي موروثي ملڪيت ايا تائين حڪومت طرفان تڪسن جي نظام هيٺ هئي. [108] روم، اليگزئنڊريا ۽ ٿيسلونيڪا جا پادري شايد عرض ڪري ۽ ڪجهه رعايتون حاصل ڪن ها، پر رِميني جي وڏي ڪائونسل جي بيوقت ڪوشش، جنهن جو مقصد آفاقي آزادي حاصل ڪرڻ هو، جي ڪانسٽنٽائن جي پُٺ مخالفت ۽ مزاحمت ڪئي هئي. [109]

IV لاطيني پادرين جن شهري ۽ عام قانون جي تباهين جي بنيادن تي ٽربيونل ناهي هئي، هيڪندي ۽ حيا منجهان ڪانسٽنٽائن جي تحفي کي قبول ڪيو هو [110] جيڪو انتظامي آزاديءَ متعلق هو ۽ اُهائي وقت جي ضرورت هئي. پر عيسائي شهنشاهن جي فراخدليءَ ڪليسا جي ڪردار جو شان مان متاهون ڪيو هو. [111]

1. هڪ مڪمل شخصي ۽ آمراڻ حڪومت ۾، فقط بشپن کي ئي اهو بيمثال حق حاصل هو ته سندن جوڙجِسن يا برابري ڪندڙ هڪ جهڙن ڪانسواءِ ٻيو ڪو به متن مقدمي يا ڪيسن جي ڪارروائي هلائڻ جو حق نه رکندو هو، ان حد تائين جو ڪنهن وڏي ۾ وڏي الزام ۾ به بشپن جي ڳوناٽي ڪائونسل يا پٽنچات ئي ڳڌجي ويهي ڪيس هلائيندي هئي ۽ ڪين خطاڪار يا معصوم ظاهر ڪرڻ جو فيصلو ڏيندي هئي. اهڙي ٽربيونل، سواءِ ان جي جو ان کي ڪا ذاتي نوعيت جي ڪاوڙ هجي يا ڪا مذهبي تفرقي ۽ بچان واري ڳالهه ڳجهه ڳجهاندر ۾ هجي، ڪليسائي طبقي لاءِ يا ته فائديمند يا وري هڪ طرفي هوندي هئي ۽ ڪانسٽنٽائن مطمئن هو [112] ته ڪنهن کي چپ چاپ ۽ سزا کان بچائڻ، ماڻهن جي ميڙ آڏو بدنامي ۽ ڏنڊوري واري ڪيفيت کان گهٽ جوکائتو هو؛ ۽ نائيسيا جي ڪائونسل کي عوام جي زوردار اظهار مضبوط ڪري ڇڏيو هو ته جيڪڏهن ڪو بشپ زنا جي گناهه جو ڏوهاري ٿيو ته هو پنهنجا سڀ شاهي اعزاز ڪليسائي گنهگار جي متان اچلائي ڇڏيندو.

2. بشپ جو گهريلو انتظام، ڪيلسائي سرشتي جو هڪ اعزاز به هيو ته ساڳي وقت اُهو هڪ لغام جو ڪر به ڏيندو هو ۽ جن جا شهري سبب اسباب لامذهب جج جي علم ۾ اچڻ کان اڳ چپ چاپ ۽ مانائتي نموني واپس ورتا ويا هيا. سندن اهڙن گناهن کي، جيڪي معافيءَ جي قابل هيا، نه ته ڪيسن هلائڻ جي سلسلي ۾ ۽ نه وري ڪين سزا ڏيڻ خاطر، عوامي ميڙن اڳيان نه آندو ويندو هو ته جيئن هو ڪُليل شرمساريءَ کان بچي سگهن؛ ۽ نوجوانن تي رحم ڪندي ته ڪٿي هو پنهنجي والدين يا استادن اڳيان وڏيڪ وائکا نه ٿين. سندن اصلاح يا هدايت به بشپن طرفان ڪُنڊائتي نموني ۽ شفقت پري سختيءَ سان ڪئي ويندي هئي. پر جيڪڏهن کي مذهبي ڪارندا ڪنهن اهڙي ڏوهه جا ڏوهاري ٿيا هيا جيڪو سندن عزت پرئي ۽ تقدس واري رتبي تي بدناميءَ جو داغ ثابت ٿيو هو ۽ اُهو ڏوهه بخشش جي قابل نه هيو ته پوءِ روم جو مُجسٽريٽ بنادير انصاف جي ترار کي وهائڻ لاءِ باهر ڪيندو هو جنهن ۾ کابه ڪليسائي رعايت ڏيڻ جي گنجائش هرگز نه نڪري سگهندي هئي. 3. بشپن جي ٽياڪڙي يا سندن امين جي حيثيت ۾ فيصلي ڏيڻ کي قانون ذريعي منظوري ڏيٽي پوندي هئي، ۽ ججن کي هدايتون مليل هيون ته پادرين جي فيصلن تي بنادير عمل ڪيو وڃي جتي ڪنهن اپيل ڪرڻ جي گنجائش به ڪانه هئي، پر اهڙن فيصلن جي جائز ۽ مستند هٽڻ جو گهٽو دارو مدار

ڏرين جي راضپي ۽ اطمينان تي هوندو هو. مئجسٽريٽن جي خود پنهنجي مذهب متائڻ توڙي سڄي شهنشاهت جي مذهبي طور تبديل ٿيڻ جي رجحانن عيسائين جي خوف خطرن کي تمام گهٽي پاڻي ختر ڪري ڇڏيو هيو. پر اُهي بشپن جي عدالتن اڳيان جوابده هيا جن جي قابليت ۽ سنڊن ڪردار جي عظمت لاءِ ڪين بيحد احترام هوندو هو: ۽ عزت واري آسڻ * خود پنهنجي طرفان شڪايت ڪرڻ ۾ پاڻ مطمئن ٿيو ته سنڊس روحاني رياضتن ۽ هڪڙو خطرناڪ خلل ۽ مداخلت ٿئي ٿي جو ڪيس سڄو ڏينهن اهي فيصلا ۽ اونا ڪرٽا تا پوَن ته سون يا چانديءَ جي باري ۾ ڪنهن جي دعويٰ صحيح هئي يا وري ڪيس سدائين زمينن يا پنهنجي مال ڏڻگن بابت سوڇڙو هوندو هو. 4. ڪنهن به پاڪ جڳهه جو قديمي حق هاڻي عيسائين جي مندرن ڏانهن منتقل ڪيو ويو هو. جنهن کي وري ننڍي ٿوڊوسيَس جي فراخ دليءَ واري نيڪي ڪجهه ان سلسلي ۾ وڌيڪ اڳيرائي ڪندي، ان کي هڪ وڏي مقدس ميدان تي منتقل ڪيو هو. پاڇوڪڙن يا مجرم منڻون ڪندڙن کي يا ته انصاف جي دروازي ڪڙڪائڻ جي اجازت ڏني وئي يا وري ڪين ڇيو ويو ته وڏي ديوتا يا سنڊس وزيرن جي رحر کي وڃي ٻاڏائن. قطعي آمريت جي تشدد ۽ ظلمن کي ڪليسا جي نرم ۽ شفقت پري دخل اندازي ذريعي روڪيو ويو ۽ رعيت جي تمام اهر ماڻهن جي زندگين ۽ دولت کي بشپ جي فطري امانت واري پسنديده روَيي سبب بچايو ويو.

V بشپ، ماڻهن جي اخلاق عادتن جي سلسلي ۾، هڪ محتسب جو دائمي ڪردار ادا ڪندڙ هو. گناهه سرزد ٿيڻ کانپوءِ پڇتائڻ ۾ به نظر ۽ ضبط پيدا ڪرڻ لاءِ هن هڪ ڪليسائي قانوني سرشتي [114] کي لاڳو ڪيو. جنهن ۾ صاف طور تي خانگي يا قومي سطح تي گناهه قبول ڪرڻ جي عمل جي وضاحت ڪئي وئي هئي ۽ جنهن ۾ شاهديءَ جا اصول، غلطي يا گناهه جي نوعيت ۽ سزا جون حدون وغيره سڀ ڪجهه صاف ڄاڻايل هيون. روحاني قسر جي مذمتن ۽ سزائن تي عمل ڪرائڻ ناممڪن بنجي وڃي ها، جيڪڏهن عيسائي بشپ، جنهن بيشمار ماڻهن کي سنڊن ننڍن ننڍن گناهن لاءِ ته سزائون ٿي ڏنيون، پر مئجسٽريٽن جي وڏن گناهن ۽ معاشري ۾ تباهي آڻيندڙ سنڊن براين تي پردو ڏئي اُٿلو سنڊن عزت ڪئي وڃي ها ۽ وري ساڳئي وقت اهو به ناممڪن هيو ته شهري انتظام هلائڻ تي مڪمل ضابطي رکڻ کي يقيني بنائڻ ڪانسواءِ مئجسٽريٽن جي ڏوهن جي مذمت ڪري سگهجي ها يا ڪين به سزائون ڏئي سگهجن ها. ڪٽي ڪٽي مذهبي مجبورين، وفادارين يا خوف جي ڪري، شهنشاهن جا ظاهري طرح نيڪ ماڻهو، بشپن جي ڪاوڙ ۽ ناراضگيءَ کان بچيل رهندا هيا، پر اُهي اهڙن ننڍن آمرن کي نه بخشيندا هيا ۽ جرئت مان سنڊن مذمت ڪندا هيا ۽ اهڙن ماڻهن کي ملڪ نيڪاليءَ جون سزائون ڏيندا هيا جن کي شاهي حفاظت حاصل نه هوندي هئي. سينٽ اٿنيسيَس مصر جي هڪ وزير کي ملڪ نيڪاليءَ جي سزا ڏئي ڇڏي هئي، ۽ جيڪو باهه ۽ پاڻيءَ بابت منع نامو هن جاري ڪيو هو انکي بنادير ڪپاڏوشيا جي گرجائن ڏي موڪليو ويو هو ته ان تي عمل ڪيو وڃي. [115] ننڍي ٿوڊوسيَس جي حڪومت ۾، هڪ مهذب ۽ فصاحت بلاغت جي ماهر سِنيسيَس، جيڪو هرڪيولس [116] جي پيڙهيءَ منجهان هو، پادرين جي هڪ جڳهه تي ڪيس مقرر ڪيو ويو جيڪا قديم سائرين جي تباهيءَ سبب پٽوليمئس جي ڪري خالي ٿي هئي، [117] ۽ بشپ جيڪو ساڳي وقت فيلسوف به هيو، اهو ڪردار ڪجهه بيدليءَ منجهان پر شانائتي مزاج سان اختيار ڪيو هو. [118] هن لبيا جي حيوان صفت انسان يعني صدر ائنڊرونيڪَس کي شڪست ڏني جنهن پئسن

تي خريد ڪيل اختيارن جو ناجائز فائدو ورتو هو ۽ ڦرلٽ ۽ بين کي اذيتن ڏيڻ جا نوان طريقا ايجاد ڪيا هيائين ۽ پاڪ جڳهن جي بيحرمتي ڪندي زيادتين ۽ ظلمن کي عام ڪرڻ جي جرم جو ڏوهاري بڻجي ويو هو.[119] هڪ ضِدي ۽ هٺيلي مئجسٽريٽ کي مذهب جي نرمي واري روَيي سان پيٽ ڪندي ڪيس ٺيڪ ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي، سِنيسيَس پنهنجي جدوجهد جي مهر کي اڻٽي وڃائيندي. ڪليسائي انصاف[120] جو آخري فيصلو صادر ڪري ٿو جنهن مطابق ائنڊرونيڪس، پنهنجن سائين، پنهنجي ۽ سندن ڪُٽنبن سميت زميني زندگي تورِّي جنت جي لاءِ دائمي ڏِڪار جي علامت بڻجي وڃي ٿو. اُهي گنهگار جن پنهنجي گناهن تي ڪنهن بہ پڇتاوَ يا شرمندگيءَ جو اظهار نہ ڪيو هو، جيڪي فالارس * يا سيناڇرب * ڪان بہ وڌيڪ ظالم هيا، جنگين، وبائن ۽ ماڪڙ جي ڪارن ڪڪرن کان بہ وڌيڪ تباهي آڻيندڙ هيا، ڪين عيسائين جي نالي، لقب ۽ حَقن کان بلڪل محروم ڪيو ويو، رسمن رواجن ۾ شريڪ ٿيڻ کان الڳ ڪيو ويو ۽ بهشت ۾ داخل ٿيڻ جي هر اُميد کان ڪين نراس ۽ محروم ڪيو ويو. بشپ زور ڏيندي پادرين، مئجسٽريٽن ۽ عوام کي هدايت ٿو ڪري تہ حضرت عيسيٰ (ع - س) جي دشمنن سان لڳ لاڳاپا بلڪل ختم ڪيا وڃن، پنهنجن گهرن ۾ داخل ٿيڻ ۽ ساٿن گڏجي ڪاڏي ڪائڻ کان ڪين بلڪل جدا ڪيو وڃي ۽ مٿن پابندي مڙهي وڃي ۽ زندگيءَ جي عام ۽ روزمرهہ جي اٺڻي ويهڻي کان بہ ڪين صاف انڪار ڪيو وڃي ۽ مرڻ وقت اُنهن کي دفنائڻ جي مجيل ۽ مناسب رسمن کان بہ الڳ ڪيو وڃي. پٽوليمئس جي ڪليسا اَڊ چٽي ۽ نفرت جي قابل جيئن اُها ظاهري طرح لڳي رهي هئي، هي اعلان سڄي دنيا جي گرجائن ۽ ڪليسائن ڏي روانو ڪري ڇڏيو تہ جيڪي لادين ۽ ملحد سندس فرمانن کي نہ مجيندا تہ اُهي ائنڊرونيڪَس ۽ سندس پليد پوئلڳن جي ڏوهہ ۽ سندس سزائن ۾ پاڻ بہ شريڪ ٿي ويندا. هي روحاني قسر جا ڏهڪاوَ بازنطين جي عدالت ۾ زوردار طريقي سان پيش ڪيا ويا هيا جتي صدر منتون ڪندي ڪليسا کي رحم ڪرڻ جي درخواست ڪئي ۽ هرڪيرلس جو جانشين فقط ان ڳالهہ مان مطمئن بہ هيو تہ ساڳي وقت خوشيءَ جو اظهار بہ ڪري رهيو هو تہ ان جهٽڪي، گهٽ ۾ گهٽ هڪ ليٽيل ۽ نِندون ڪندڙ آمر کي زمين تان اُتاري ۽ ڪيس جهنجهوڙي جاڳايو هو.[121] اهڙن اصولن ۽ مثالن روم جي بشپ جي فخر جي احساس کي ايڏا اڳيرو ڪري ڇڏيو هيو جنهن شهنشاهن کي بہ پنهنجن اختيارن ذريعي ڇڻ ڇيپائي ڇڏيو هو.

VI هر ساڪ رکندڙ حڪومت سخت توڙي مصنوعي تقرير بازن جي تجربي کان گذرندي آهي ۽ متاثر پڻ ٿيندي آهي. فصاحت بلاغت جو ڪمال اهو هوندو آهي جو ان ذريعي فطرت جي تڏاڻ ۾ بہ ڇڻ گرمي محسوس ٿيندي آهي، مضبوط ترين دليل بہ تيز ۽ جوشيلي اظهار جي وهڪري ۾ لُڏي ويندا آهن ۽ هر ٻڌندڙ پنهنجن ئي جذبن جي آڌار تي متاثر ٿيندو آهي تہ ساڳئي وقت اوڙي پاڙي ۽ پرپاسي ويڙل ماڻهن جي هجوم جي تاثرات ذريعي بہ ٻڌندڙ گهٽو اثر قبول ڪندا آهن. شهري آزاديءَ جي تباهي، اٽينس ۾ يهودين جي مندرن ۽ روم جي مئجسٽريٽن کي خاموش ڪري ڇڏيو هو، تبليغ ڪرڻ جي روايت، جيڪا عيسائين جي عقيدت جو تمام اهم حصو رهي آهي، قديمي مندرن اندر هرگز رائج ڪانہ ٿي هئي ۽ حاڪمن جي ڪَنن تي، فصاحت بلاغت جي تُرش ۽ تِکن جملن جو حملو هيل تائين نہ ٿيو هو، جيستائين شهنشاهت جا مُنارا تقرير جي ماهرن جي آوازن سان گونجڻ لڳا ۽ اُنهن کي تقرير جو اهڙو تہ زبردست ڏاڻہ هو جنهن کان اڳ وارا ملحد ۽ بي دين هرگز واقف نہ هيا.[122] ججن جي جوشيلن دليلن جي فورن مخالفت ڪئي ويندي

هئي، جن جي پڙ وري مخالفن طرفان پڻ اوتري ئي قابليت واري ۽ زوردار مخالفت ٿيندي هئي ۽ سچ ۽ منطق جي سبب کي مخالف ڌرين جي بحثن مباحثن ۽ دليلن منجهان خودبخود اوچتي ۽ حادثاتي مدد ملي ويندي هئي. بشپ يا کو مشهور نائب پادري جنهن کي هو احتياط کندي تبليغ ڪرڻ جا اختيار سؤنپي ڇڏيندو هو، وڏي ۽ ڏکهي تقرير ڪندو هو جنهن ۾ نه ته ڪيس مداخلت جي پرواهه هوندي هئي نه وري ڪنهن کي جواب ڏيڻ جي، ۽ ماڻهن جو فرمانبردار ۽ چپ چاپ هجوم جن جي دماغن کي اهڙين تقريرن ۽ مذهب جي خوفناڪ تقريبن کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ تيار ڪيو ويندو هو، خاموش تماشائي بڻيل هوندا هيا. ڪٿولڪ ڪليسا جي طرفان ماڻهن کان فرمانبرداري ۽ تابعداري وٺڻ جو اهڙو سخت رويو هوندو هو جو جيڪڏهن روم يا الیگزئنڊريا جا وڏا پادري حڪر ڪندا هيا [123] ته اهڙن اعلانن جا آواز اٿلي، مصر وغيره جي هڪ سؤ ڪنارن تان به ساڳي ئي وقت ۾ ٻڌجي ٿي سگهيا. هن اداري جو مقصد ته تعريف جوگو هو پر ان مان جيڪو ڪر ورتو ويو اُهو ايترو مفيد ۽ صحتمند نه هيو. مبلغ، معاشري جي پلاٽيءَ جي ڪمن تي زور ڏيندا هيا پر ساڳي وقت خانقاهي چڱاين ۽ ان جي تڪميل جي پرپور وکالت به ڪندا هيا، پر هي عمل هر فرد لاءِ تڪليف ڏيندڙ ۽ پوري انسانذات لاءِ بيڪار ۽ اجايو آهي، خير خيرات جي باري ۾ هنن جي نصيحتن، سندن ڪجهي خواهش سان ڇڻ دوکو ٿي ڪيو ته پادرين کي، غريبن جي پلاٽيءَ لاءِ، عقيدتمندن جي دولت کي خرچ ڪرڻ جي اجازت مليل هئي. خدا تعالیٰ جي پاڪ وصفن ۽ قانونن جي عظمت واري نمائندگيءَ کي مابعدالطبيعاتي مونجهارن ۽ چرهن، ٻاراڻين ۽ اجاين رسمن ۽ حرڪتن، ۽ ڪوڙن معجزن سان داغدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ اُنهن وڏي جوش جذبي ۽ اندر جي اوهر مان مخالفن سان نفرت ڪرڻ جي مذهبي اجازت ۽ خوبيءَ تي ڌکهو بحث مباحثو ڪيو ته ساڳي وقت ڪليسا جي وزيرن جي حڪمن جي بجا آوري تي به زور ڏنو. جڏهن عام ماڻهن جي امن امان ۽ سُکون جي صورتحال، تفرقيبازي ۽ لادينيت سببان بيحد خراب ٿي وئي هئي ته ظاهري مانوارن تقرير بازن دشمني ۽ بغاوت جو شور بلند ڪيو. اهڙي صورتحال ۾ سندن مذهبي ميڙن جو عقل ۽ سندن متيون منجهي ويون ۽ هن پُراسرار حالت ۾ کين ڪجهه به سمجهه ۾ نٿي آيو ته چاڪجي، سندن اندر جا اُڌما گارگند ۽ بدزبانين سبب ويتر پڙڪي اٿيا ۽ اُهي ائٿنڪ يا الیگزئنڊريا جي عيسائي مندرن منجهان ٻاهر ان ارادي سان نڪري آيا ته يا ته خود قربان ٿيندا يا وري ٻين کي شهيد ڪندا. لاطيني بشپن جي ناراضگيءَ وارن اعلانن ۾ نفاست ۽ يونانيءَ جي بگاڙ کي بريءَ طرح محسوس ڪيو ويو آهي پر گريگري * ۽ ڪرسوسٽم + جي جوڙجڪ يا ترتيب کي يونانيءَ جي انتهائي شاندار نمونن جهڙوڪ يونان جي ائٿنڪ لهجي يا گهٽ ۾ گهٽ ايشيا جي فصاحت بلاغت سان پيٽيو ويو آهي. [124]

VII عيسائي جمهوريه جا نمائندا هر سال بهار ۽ خزان جي موسم ۾ هڪ جڳهه تي گڏ ٿيندا هيا ۽ اهي ڪائونسلون گڏ ٿيل ماڻهن ۾ ڪليسائي نظم ۽ ضبط ۽ تعليم جو روح ٺوڪيندڙ هيون جيڪو مختلف نمائندن ذريعي رومي دنيا جي هڪ سؤ ويهن صوبن ۾ پکڙجي ويو. [125] وڏي پادري يا شهر جي وڏي کي قانون موجب اختيار هو ته پنهنجي صوبي جي نائب بشپن کي ضرورت پٽاندر سڏرائي وٺي ۽ کين پنهنجي روبرو تبديل ڪرڻ لاءِ چوي، سندن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ کين احساس ڏياري، ته پنهنجي عقيدي جو ڪليل اظهار ڪن، ۽ اُميدوارن جي اهليت جو جائزو وٺن جنکي پادرين ۽ عوام چونڊيو هو ته پادرين جي خالي جڳهن کي پريو وجي. روم، الیگزئنڊريا، ائٿنڪ،

کارٿيج ۽ پوءِ قسطنطنيہ جا مکيہ پادري جن جي اختيارن جو دائرو وسيع هو. پنهنجي بشپن جا کيترائي اجلاس سڏرايا، پر جيکي مقامي کائونسلون هيون اُنهن جي وڏي ۽ وسيع پيماني جي اجلاس سڏرائڻ جو اختيار فقط شهنشاهہ کي حاصل هيو. جڏهن ہ کليسا کي کي اوچتا ۽ اهر فيصلا کرڻا هوندا هيا، تہ هو بشپن يا صوبن جي ڊپٽين ڏانهن اجلاس ۾ شريک ٿيڻ جا سڏ موڪليندو هيو جنهن ۾ پوسٽ پهچائڻ جي گهوڙن تي سواري ڪري کين اجلاس ۾ شريک ٿيڻ هوندو هو ۽ ان شرڪت لاءِ کين مناسب معاوضو پڻ ڏنو ويندو هو. ڪجهہ عرصو اڳ ۾ جڏهن کانسٽنٽائن، ايا عيسائي مذهب اختيار نہ ڪيو هو پر ان جو پڪو محافظ هيو، ان آفريڪا بابت هڪ فساد جي تضاد کي آرلس جي کائونسل ڏي موڪيلو هو جنهن ۾ يارڪ، ٽريوز، مِلن ۽ کارٿيج جا بشپ پاڻ ۾ دوستي ۽ پائريءَ جي ناتي هڪ ٻئي سان ملايا هيا ۽ پنهنجي مقامي هوليءَ ۾ لاطيني يا مغربي کليسا جي گڏيل مفادن [128] جي سلسلي ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهيون هولهيون ۽ بحث مباحثا کيا هيائون. يارهن سال پوءِ بٽنيا ۾ نائيسيا جي جڳهہ تي وڏي پٺماني تي اسيمبليءَ جو هڪ شانائتو اجلاس ڪوٺايو ويو هو تہ پنهنجي آخري فيصلي ذريعي وڏن - ٽِن، يا تثليث جي باري ۾ مصر ۾ اُٿاريل جهڳڙن ۽ فسادن جي باهہ کي وسائي سگهن. تي سؤ ارڙهن بشپن پنهنجي مهربان مالڪ جي حڪم جي فرمانبرداري ڪئي، هر عهدي، فرقي ۽ طبقي جي عيسائين کي ملائي اُنهن جو تعداد ٻہ هزار ۽ اٽيتاليهہ ماڻهن جو وڃي ٻيئن: [127] يوناني ذاتي طور تي آيا، ۽ لاطيني ماڻهن جي نمائندگي، روم جي مکيہ پادري جي عيوضيءَ ڪئي. ان اجلاس ۾، جيڪو اندازي موجب ٻن مهينن تائين هليو، شهنشاهہ پنهنجي سر پاڻ شريک ٿيندو رهيو ۽ اجلاس جي عزت ۽ واڌارو ڪندو رهيو. پنهنجن محافظن کي دروازي تي ڇڏيندي، هُو پاڻ (کائونسل جي مرضي ۽ اجازت سان) هال جي وچ ۾ هڪ نندي استول تي وڃي ويٺو. کانسٽنٽائن ڏاڍي صبر سان سڀ ڪجهہ ٻڌو ۽ نرمي ۽ ڏيرج سان ڳالهايائين ۽ جڏهن نہ هو تقريرن تي گهٽو اثر انداز ٿيو پر هن نهايت ئي انڪساري سان تسليم ڪيو تہ هُو حوارين جي جانشينن جو جج نہ پر هڪ وزير هو ۽ جن جي پادريءَ طور هاڻي مڃتا ٻہ ٿي چڪي هئي تہ کين هن زمين جو ديوتا ٻہ تسليم ڪيو ويو هو. [128] هڪ قطعي طاقتور بادشاهہ طرفان پنهنجي رعيت جي ڪمزور ۽ بي هٿيار اسيمبلي جي لاءِ ايڏي عزت ۽ احترام جي اظهار کي ان وقار ۽ مڃتا سان تشبيهہ ڏئي سگهجي ٿي جنهن سان روم جا شهنشاهہ پنهنجي سينيٽ سان پيش ايندا هيا جن آگسٽس کان اڳوڻي احترام ڪرڻ جو سبق سکيو هو. پنجاهہ سالن جي عرصي اندر هڪ فيلسوف جيڪو انساني معاملن جي قسمت جي لاهن چاڑهن جو مشاهدو ڪندڙ هو، انکي شايد ٽشيٽس * جي روپ ۾ روم جي سينيٽ ۽ کانسٽنٽائن کي نائيسيا جي کائونسل ۾ ظاهر ٿيڻو هو. ڪيپيٽول تورِي ڪليسا جا بزرگ پنهنجن پايو وجهندڙن جي ڪردارن کان گهٽا بگڙي چڪا هيا. پر جيئن تہ بشپن يا پادرين جون پاڙون عوامي اُمنگن ۽ جذبن سان لاڳاپيل هيون تہ اُنهن فخر ۽ اطمينان جي احساس سان پنهنجي وقار کي ان حد تائين بحال رکيو هو، جو ڪڏهن ڪڏهن تہ پنهنجي حاڪر سان ٻہ ڪن معاملن ۾ انکي پوَندا هيا ۽ بهادريءَ سان ان جي مخالفت ٻہ ڪندا هيا. وقت ۽ وهمن وسوسن جي واڌاري، ڪمزورين، جذبن ۽ جهالت جي يادن کي ميٽائي ڇڏيو هو جن جي ڪري ڪليسائي اسيمبلين جي وقار ۾ گهٽتائي آئي ۽ ڪٿولڪ دنيا بغير ڪنهن شڪ ۽ گمان جي جنرل کائونسلن جي معصوم فرمانن اڳيان پاڻ کي ان جو تابعدار بنائي ڇڏيو هو.[130]

باب - ويهون
حاشين بابت وضاحتون

1. لئڪٽينٽيس جي خدائي ادارن جي تاريخ تي تفصيلي بحث ٿيو آهي، تڪليفون شروع ٿي ڇڪيون آهن، سندن حلَ تجويز ڪيا ويا آهن ۽ ہن اصلي اشاعتن جو هڪ اندازو بہ لڳايو ويو آهي: پهرين اشاعت ڊائڪليشين جي اذيتن جي دوُر ہر ۽ پوئين لسينيس جي وقت ہر ظاهر ٿي، ڏسو ڊفريسناء ڪي، پرينئٽ ہر. (ص - V) ٽليمانٽ - (ڪليسائي تاريخ vi, 465-470) لارڊنر جو ڪتاب: "ڪريڊ بلڊي" (ويساھ - ii, vii, 78-86) جيتريقدر منهنجو تعلق آهي تہ مونکي تقريبن يقين آهي تہ لئڪٽينٽيس "ادارن" جي ڪتاب کي گال جي حاڪر کي اريبو هو جڏهن گئلريس، مئڪسيمن ۽ لسينيس پڻ عيسائين کي اذيتون ڏئي رهيا هيا، يعني سن 311-306ع جي وچ واري حصي ہر.

2. لئڪٽينٽيس (خدائي ادارا - i,1, vii,27) پهريون جيڪو سپني کان وڌيڪ اهر پڻ آهي سو تحرير جو اُهو ٽڪرو آهي جنهن ہر انايهہ مُسودا ايا ڪٽل آهن پر پوءِ اُٽوپين ہر اُهو ملي ٿو وڃي. جيڪڏهن اسان اُنهن مسودن جي پيٽ واري قيمت جو اندازو ڪريون، جيڪو فرانس جي بادشاهہ جي لائبرري ہر موجود آهي ۽ 900 سال پراڻو نسخو آهي، تہ اُهو شايد سندس حق ہر نڪري، پر بولنگا جي صحيح مسودي ہر اُن ٽڪري کي شامل نہ ڪيو ويو آهي جنهن کي پي- ڊي مانٽفاڪن ڇهين يا ستين صدي عيسوي سان منسوب ڪيو آهي (ڊئريبر - اٽلي جي زبان ہر-ص- 409) ڪيترن ئي ايڊيٽرن جي راءِ موجب (سواءِ عِسيَس، ڏسو لئڪٽينٽيَس جنهن کي ڊفريسناء ايڊٽ ڪيو آهي. i, 596) اهو لئڪٽينٽيَس جو نج اسٽائيل آهي.

3. يوسيبيَس (ڪانسٽئنٽائن ہر 32-27 ,i).

4. ڏوسيمَس (ii ، ص - 104)

* (مذهب تبديل ڪندڙ پاڪ غسل کان اڳ هدايتن جي عمل مان گذري رهيو آهي.)

5. اها رسم تڏهن ٽيندي هئي جڏهن مذهب جا نوان سيکڙات، عقيدي ہر داخل ٿيڻ وقت ادا ڪندا هيا. (ڏسو ہنگهم جو "قدامت پرستي" (X,I, ص - 419) ڊام چارڊن - (مذهبي رسمن جي تاريخ (i,62) ۽ ڪانسٽئنٽائن پهريون هو جنهن اُها رسم ادا ڪئي، ايوسيبيَس - (ڪانسٽئنٽائن ہر iv, 61) موت کان ٿورو ئي اڳ هو عيسائي ٿيو هو. هنن ہن حقيقتن جي ميلاپ مان وٽليسيَس جيڪو نتيجو ڪڍيو آهي تہ ان کي ٽليمانٽ مجبوريءَ مان قبول ٿو ڪري، (شهنشاهن جي تاريخ - iv, 628) ۽ موشيم پڻ ان جي مخالفت ڪجهہ ڪمزور دليلن سان ٿو ڪري. (ص - 968)

6. يوسيبيَس (ڪانسٽئنٽائن ہر - iv, 61,62,63) روم ہر ڪانسٽئنٽائن طرفان سندس مرڻ کان تيرهن سال اڳ عيسائيت جي مذهب اختيار ڪرڻ جي روايت، اٽين صدي عيسوي ہر ايجاد ڪئي وئي هئي جنهن جو مقصد فقط اهو هو تہ جيئن ڪانئس مالي مدد ورتي وڃي. ان روايت بابت معلومات آهستي آهستي ڪُلندي، وڌندي ۽ ان نقطي تائين پهتي يعني هڪ اهڙي ڳالهہ جنهن متعلق ڪارڊنل بئرونيَس (ڪليسائي تاريخ 324 - نمبر 49-43) شروعات ہر پاڻ کي ان جو زبردست وڪيل ڪونيو هو پر هاڻي ان ڳالهہ جي حمايت تمام ڪمزور ٿي وئي آهي، ان حد تائين جو

وٹيڪن جي پسگردائي ۾ ب ان تي اعتماد گهٽ آهي. (ڏسو قدير عيسائيت - ii, 232) هڪ اهڙو ڪر جيڪو روم ۾ ڇهن اجازتنامن کانپوءِ سال 1751ع ۾ ٽيو ۽ ان کي بزرگ فادر مماچي، جيڪو ڊومينيڪا جو رهواسي هو، شايع ڪرايو.

7. جاچ ڪندڙ يا سيڪريٽري جهڙو ڊوسيَن ڪوڊ جي ترتيب ڏني هئي، پنهنجي مالڪ کان ڪجهه عجيب جملا ٽوچورائي: "مٽي ذکر کيل مذهب جا ماڻهو". ڪليسائي معاملن جي وزير وڏيڪ عزت ۽ عقيدتمنديءَ جي اجازت ڏئي ڇڏي جنهن جا لفظ هيا. "قانوني، بيحد پاڪ ۽ ڪٹولڪ عبادت." (يوسيبيَس - ڪليسائي تاريخ - x-6).

8. ٽوڊوسيَن ڪوڊ - (ii, viii, 1) جسٽينينَ ڪوڊ (iii, xii, iii). ڪانسٽنٽائن آخر کي "لارڊس ڊي" چوي ٽو. هڪڙو اهڙو نالو جيڪو سندس رعيت جي لادين ماڻهن کي جذباتي طرح ناراض نه ڪندو هو.

+ (پادرين جو هڪ اهڙو طبقو جن قرباني جي جانورن جا آندا ڳوندا ڏسي وائسي ايندڙ وقت جي پيشنگوئي ڪئي هئي.

9. ٽوڊوسين ڪوڊ (xvi, x, 1) گاڊفراءِ هڪ تبصري نگار جي روپ ۾ ڪوشش ٽو ڪري (vi, 257) ته ڪانسٽنٽائن کي معاف ڪري ڇڏي پر جوشيلو بٹرونيَس (ڪليسائي يادون 321 نمبر 18) سندس ڪافراٽي روَيي جي مذمت ٽو ڪري جنهن ۾ سچ ب آهي ته ڪجهه شڪَ پڻ آهن.

10. ٽوڊوريٽ (i, 18) هڪ ڳالهه ڏي اشارو ڪري ٽو ته هيلينا پنهنجي پٽ کي عيسائيت جي تعليم ڏياري هئي پر اسان هڪ مٹاهين ۽ اعتماد واري يوسيبيَس جي سندَ ملڻ تي اهو يقين سان چئي سگهون ٿا ته (ڪانسٽنٽائن - iii, 47) ته هوَ خود ڪانسٽنٽائن جي احسانمند هئي جنهن عيسائيت بابت ڪيس معلومات ڏني هئي.

11. ڊيوڪينج ۽ بندوري ۾ ڏسو ڪانسٽنٽائن جا تمغا. ڪجهه شهرن کي سڪن ڌاهڻ جي اجازت ڏني وئي هئي: ان دوَر جا ذري گهٽ سڀ تمغا جيڪي خزاني مان ماڻهن تائين پهچندا هيا ته اُن لاءِ شاهي اختيارن طرفان اجازت لازمي ونڊي پوندي هئي.

12. يومينيَس جو خوشامد نامو يا مدح سرائي (مدح سرائي - vii) جيڪا اٽلي جي جنگ کان ڪجهه مهينا اڳ ظاهر ڪئي وئي هئي، ڪانسٽنٽائن جي لادينيت جي وهمن وسوسن جي باري ۾ اُها ناقابل ترديد شاهدي آهي ۽ خاص طرح اپولو يا سج لاءِ سندس بيحد احترام جنهن جو جوليَن به حوالو ڏئي ٽو. (تقريرون - vii, 228).

13. ڪانسٽنٽائن (تقريرون - باب - 25) پر اهو آسانيءَ سان ڏيکاري سگهجي ٽو ته يوناني زبان جي مترجم، اصل لاطيني متن منجهان پنهنجو مطلب تاريو آهي ۽ وڏي عمر جي شهنشاهه کي نفرت منجهان ڊائڪليشين جي وقت جون اذيتون ياد آيون ۽ هاڻي اُهي ڪيس سندس جوانيءَ ۽ لادينيت جي ڏينهن کان وڏيڪ پوائتيون تي نظر آيون.

14. ڏسو يوسيبيَس (ڪليسائي تاريخ - (viii, 13 ix, 9) ۽ ڪانسٽنٽائن ۾ (i, 16, 17) لئڪٹينٽيَس (خدائي ادارا - i, 1) سيسيليَس (ڊي مارٽ، اذيتن ۾ - باب - 25)

* (مئڪسيمن - 313ع ۾)

15. سيسيليس (ڊي مارٽ، اذيتون - باب - 48) اصل لاطيني زبان ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي ۽ يوسيبيس (ڪليسائي تاريخ - X-5) دائمي فرمان جو يوناني زبان ۾ ترجمو پيش ڪيو آهي جيڪو عارضي قانونن جا حوالا ڇاڻائي ٿو.

16. ڪانسٽنٽائن جي مدح سرائي، "ملن جي فرمان" کان ست - اٺ مهينا پوءِ ظاهر ٿي هئي. (ڏسو گوٽو فريد (تاريخوار واقعن ۾ - ص - 7) ۽ ٽليمنٽ (شهنشاهن جي تاريخ ۾ - iv, 246) هيئيون زبردست جملو ٿو لکي: "هن ڪائنات جو عظيم ۽ واحد خالق، جنهن جا ايترا نالا آهن جيترين هوليون آهن جيڪا هن توتي مهرباني ڪئي ته انسانذات کي عطا ڪر - اسان کي خبر نٿي پوي ته اُهو ڪهڙو نالو آهي جيڪو توکي وڌيڪ پسند آهي ۽ جيڪا تنهنجي خواهش آهي ته ان سان ئي تون سجاپجڻ چاهين ٿو." مدح سرائي - (ix, 26) ڪانسٽنٽائن جي عقيدي ۽ واڌاري متعلق سمجهائيندي، موشير (ص - 971 وغيره) تمام ذهين، هوشيار ۽ لياڙي ٿو لڳي.

17. لئڪٽينٽيس جي شاندار بيان کي ڏسو (خدائي ادارا v,8) جيڪو ڪليل، واضح ۽ مثبت آهي بجاءِ ان جي جو هو نادان پيغمبر بڻجي وڃي.

18. عيسائين جي سياسي سرشتي جي سلسلي ۾ گروٽيس وضاحت سان سمجهايو آهي. (ڊي ليور بيلي پئسز - 4 ,3 ,i) گروٽيس هڪ ريپبليڪن ۽ جلاوطن شخص هو. پر سندس طبيعت جي نرم مزاجي کيس مجيل طاقتن کي تسليم ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو هو.

* (سينٽ پال)

19. ٽرٽوليَن (معافي نامو - باب - 36، 35، 34، 32) "اهو معلوم ڪرڻ ممڪن نه هيو ته البينس، نائجر ۽ ڪئسيس جا پوئلڳ ڪڏهن به عيسائي رهيا هيا." (ائڊ اسڪئپيولر باب - 2) جيڪڏهن هيءَ ڳالهه بلڪل سچي هجي ته پوءِ ان مطابق ان دؤر جا سڀئي عيسائي شهري ۽ فوجي نوڪرين مان ٻاهر ڪڍيا ويا هوندا، جيڪا ڳالهه کين مجبور ڪري ها ته پنهنجن پنهنجن گورنرن وٽ وڃي ڪا نوڪري تلاش ڪن ها. (ڏسو مٿائل جون تحريرون.)

+ (سورهين صدي جي مذهبي تحريڪ)

20. ڏسو چالاڪ بَوسئي (پروٽيسٽنٽ تحريڪ جي مختلف لاهن چاڙهن جي تاريخ - iii - صفحا - 258-210) ۽ ڪدورت رکندڙ بيل - (ii, 620) آڏ بيل جو نالو وٺان ٿو جو جو اُهو يقيني طور تي ڪتاب "ائوس آڪس رفيوجيز" جو مصنف هيو.

21. بڪانن پهرين ماڻهن ۽ مذهبي تحريڪ جي بانين منجهان هڪ وڏو نالو آهي، جنهن مزاحمت جي اصول کي جائز قرار ڏنو آهي ۽ انجي تائيد ڪئي آهي. (جارج بڪانن، اسڪاٽلئنڊ جو هڪ انسان دوست شخص هو. (1582 - 1506) ڏسو سندس مڪالما (ڊي جور ريگني آئڊ اسڪاٽس - ii, 28, 30) جنهن کي روڊيمن ايڊٽ ڪيو هو.

22. لئڪٽينٽيس (خدائي ادارا - i, 1) يوسيبيس، تاريخ جي سفر ۾، پنهنجي زندگي توڙي تقريرن ۾ ڪانسٽنٽائن جي شهنشاهت جي رتبي کي خدائي حق سان تعبير ٿو ڪري ۽ بار بار ان تي زور ڏئي ڏهرائي ٿو.

* (مئڪسينٽيس)

23. لسينيس جي اڌيتن جي باري ۾ اسانجي اٿوري معلومات اسانکي يوسيبيس کان ملي آهي. (کليسائي تاريخ x, 8 کانسٽنٽائن (i, 49-56, ii,1,2)) آريليس وکٽر سندس ظلمن کي عمومي طرح بيان ڪري ٿو.

24. يوسيبس (کانسٽنٽائن - (ii, 24-42, 48-60)

25. آخري صديءَ جي شروعات ۾ انگلنڊ جي پادرين جا پوئلڳ مختلف قومن جو فقط ٽيهون ۽ فرانس جا پروٽيسٽنٽ، فقط پندرهون حصو هيا جن جي لاءِ سندن روح ۽ طاقت هڪ دائمي شڪ ۽ گمان جهڙيون قوتون هيون. ڏسو رشتن جي باري ۾ تفصيل جيڪي بينٽيوگليو (جيڪو ان وقت پاپائي حڪومت جو برسلز ۾ عيوضي ۽ بعد ۾ ڪارڊينل هيو) روم جي عدالت ڏي موڪليا. (رلئيزيون - ii, 211, 241) بينٽيوگليو ڏاڍو سنجيدو، تمام جاڻو ۽ خبردار هو ۽ پر ڪجهه هڪ طرفو يا جانبدار هيو.

26. جرمنس جي لاپرواهه طبيعت هر جڳهه تي، قبيلن جي مذهبي تبديليءَ جي تاريخ ۾ هڪ جهڙي ٿي ڏسجي. ڪانسٽنٽائن جون فوجون جرمنس سان گڏ پرتي ڪيون ويون هيون (ذوسيمس - 86، ii) ۽ سندس پيءُ جو گهر به عيسائين سان پريل هو. ڏسو ڪانسٽنٽائن جي زندگيءَ تي پهريون ڪتاب، جيڪو يوسيبيس لکيو آهي.

27. بهترين نقاد، هي لفظ چرچ جي امن امان قائم رکڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن. (نوٽ: جيتريقدر لفظن جو تعلق آهي ته اُهي هن جملي کان پهريون لکيل آهن ۽ اندازو اهو آهي ته يوناني يا لاطيني زبان جا لفظ آهن جن جو مصنف پاران انگريزي ۾ ترجمو نه ڏنو ويو آهي، تنهنڪري آڏ به مجبور آهيان جو اُنهن جو سڌي ترجمو هتي نٿو لکي سگهان. سڌيڪار.)

28. يوسيبيس هميشه هي خانه جنگيءَ کي لسينيس خلاف هڪ عيسائي جهاد ٿو ڪوٺي، آمر جي دعوت ڏيڻ تي ڪجهه عيسائي آفيسرن پنهنجون حدون سنياليون هيون يا، هين لفظن ۾ ملٽري جي نوڪريءَ ۾ واپس هليا ويا هيا. سندن روَيي جي، بعد ۾ نائيسيا جي ڪائونسل جي ٻارهين قانون موجب، مذمت ڪئي وئي هئي، جيڪڏهن خاص طرح هيءَ درخواست ملي وڃي ته بجاءِ هڪ بي ربط ۽ يوناني مترجمن جي عام مطلب جي، بالسامن، زونارَس، ۽ اليڪسِس ارسٽينَس جو مطالعو ڪيو وڃي. (ڏسو بيورِج، پٽنديڪٽ، ڪليسا وغيره - i,72, ii,78).

29. "صليب جو نالو پلي ته نه رڳو روم جي شهرين جي سڄي انگ ۽ عدد کان غائب رهي پر سندن خيالن، نظرن يا تصور جي اکين ۽ ٻڌڻ کان به پلي پري هجي." سسيرو، (پرو رئبيريو - باب - 5) عيسائي ليکڪن، جسٽن، منوسيَس، فيلڪس، ترٽوليَن، جيروم ۽ ٽيورن جي مٿيسيَس کافي حد تائين ڪاميابيءَ سان صليب جي شڪل يا ان سان ملندڙ جلندڙ نقش جي، فطرت جي هرشئي يا فنپاري ۾ چگيءَ طرح چنڊ چاڻ ۽ تحقيق ڪئي آهي: ويندي ڏگهائي ڦاڪ جي دائرن ۽ خط استوا جي هڪ ٻئي کي ڪٽ واري هنڌ تي، انساني چهري، پکيءَ جي اُڏار، ماڻهوءَ جي تَرڻ، وڏي لنبي يا ڪنهن ماپ، هَر، جهنڊي - وغيره - وغيره ۾ ڏسولپسيَس (ڊي ڪرُوس - i,9).

30. ڏسو آريليَس وکٽر، جيڪو هن قانون کي کانسٽنٽائن جي چگن ڪمن منجهان هڪڙي نيڪي ڪوٺي ٿو. هڪ اهڙي فرمان، جنهن کي عيسائيت ۾ وڏي عزت ۽ وقار سان ڏٺو ويندو هو، کي ٽوڊوسين ڪوڊ ۾ جائز مقام ملڻ ڪُهربو هو، بجاءِ ان جي جو ان جو اَڄ سِڌو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪو نائين ڪتابَ جي پنجين ۽ اڑهين عنوان جي پيٽ ڪرڻ جو نتيجو ٿو معلوم ٿئي.

31. يوسيبيَس (ڪانسٽنٽائن - i, 40) مجسمو يا گهٽ ۾ گهٽ ۾ صليب ۽ نقش، تمام گهڻي امڪاني يقين سان ڪانسٽنٽائن جي ٻي يا روم جي ٽئين سفر سان منسوب ڪري سگهجن ٿا. مئڪسنٽيَس جي شڪست کان فورن پوءِ، ماٿهن توڙي سينيٽ جا دماغ عوامي يادگار جي تعمير لاءِ هرگز تيار نه هيا.

32. پروڊينشيَس (سِمپُجر ۾ - ii, 464, 486) "او راڻي! تون مُنهنجن معيارن کي صليبي نشانين ذريعي جلد سجاڻي ونڊينءِ جيڪي تجلي ڏيندڙ هِيرن سان جڙيل آهن يا وري سچي سون منجهان ٺهيل آهن ۽ جن کي ڏِگهن نوڪدار نيزن تي سجايو ويو آهي. هن نشاني جي برڪت سان مات جو مُنهن نه ڏسندڙ ڪانسٽنٽائن ائلپس جبلن کان لانگهائُو ٿي اڳتي وڌيو. شهر کي ذلت جي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ڏياريائين..... لئبرم جي نشان تي حضرت عيسيٰ (ع - س) جو نشان چمڪندڙ سوني اُٽت سان پري کان ئي پڌرو هو. حضرت عيسيٰ (ع - س) جي نشان کي شيلڊن تي پڻ اُڪرايو ويو هو ۽ هڪ جِلڪندڙ صليب سِرَن تي پاتل هيلمينٽن جي پليٽن تي سجايل هئي."

(نوٽ: متيان لفظ يوناني يا لاطيني زبان جي شاعريءَ ۾ آهن جن جو ترجمو گڏن نثر ۾ ڪيو آهي، جنهن جو وري مون سنڌي ترجمو به نثر ۾ ئي ڪيو آهي. (سنڌيڪار)

33. لفظ لئبرم يا لئبورم، ڪٿان نڪتو "انجي معنيٰ ڇا آهي جنهن کي پهريون دفعو گريگري نازيانزين پنهنجي استعمال ۾ آندو ۽ پوءِ ائمبروز، پروڊينشيَس وغيره پڻ ڪتب آندو هو، ايا تائين اٽجاتل رهيو آهي توڙي جو ڪيترن نقادن ۽ ليڪڪن جن پاڻ کي تڪليفن ۾ وجهي لاطيني، يوناني، اسپئنش، ڪلٽي، ٽيوٽونڪ، اِليرڪ، آرمينيائي، وغيره ٻولين جو ڳوڙهو جائزو ورتو آهي ته ان لفظ جي اصل نسل يا بُڌ بٽياد جي خبر پٽجي سگهي. ڏسو ڊوڪينج کي گلوس لاطيني ۾ ۽ گاڊفراء کي ٿوڊوسين ڪوڊ ۾ (ii, 143)

34. يوسيبيَس (ڪانسٽنٽائن - i, 30, 31) بئرونيَس (ڪليسائي يادگيريون - 312ع نمبر - 26) لئبرم جي هوبهو شڪل کي اُڪرايو آهي.

35. "حضرت عسيٰ (ع - س) کي شيلڊن تي اڪرن x يا + سان نمايان ڪيو ويو آهي جنهن ۾ چوٽي گول مُڙي ٿي وڃي. سيسيليَس ڊي، ايرـپي (باب - 44) ڪيوپر (ائڊ ايرـ پي لئڪٽينٽيَس جي ايڊيشن ۾ (ii, 500) ۽ بئرونيَس (312ع نمبر 25) ڪيترن ئي نمونن جي قديمي نمونن منجهان نقاشي ڪئي آهي ۽ ڪجهه اهڙا مونوگرام ۽ نقش هٿ آيا آهن جيڪي عيسائي دنيا ۾ فئشن طور استعمال ڪيا ويا.

36. يوسيبيَس (ڪانسٽنٽائن ۾ - ii, 7, 8, 9) هو اٽلي جي مهر کان اڳ لئبرم جي شهرت کي ماٿهن ۾ عام ڪري ٿو پر سندس بيان مان ظاهر ٿو ٿئي ته ان کي فوجين جي ڪنهن لشڪر ۾ نه ڏيکاريو ويو هو، جيستائين ڪانسٽنٽائن، ڏهن سالن کان وڌيڪ عرصو بعد ۾، پاڻ کي لسينيَس جو ڪٽر دشمن ظاهر ڪيو ته ساڳئي وقت چرچ کي ڇوٽڪاري ڏيارڻ جو سهرو به پنهنجي سِر تي کنيائين.

37. ڏسو ٿوڊوسيَن ڪوڊ - (vi, xxv) سوزومين (i,2) ٽيوفن، (تاريخوار واقعا - ص - 11) ٽيوفينس انين صدي عيسوي جي آخر تائين زنده هو، هي زمانو ڪانسٽنٽائن کان پنج سؤ سال پوءِ جو هو. جديد يوناني ان ڳالهه لاءِ هرگز

آماده نہ هيا تہ شهنشاهت يا عيسائيت جي جهنڊي کي پنهنجين هنين ۾ نمايان ڪن ۽ توڙي جو ڪين وهمن واري تحفظ جي وڏي اُميد ۽ آسرو هو، فتح جو واعدو شايد وڏي جرئتمندي وارو انسانو هجي ها.

38. ابُوڊو وائزن (ص - 103 وغيره ڪيترن ئي تمغن جي تهمت مڙهي ٿو ۽ جيسُسُٽ جي خاص مضمون جو حوالو ڏئي ٿو. وڌيڪ ڏسو هن موضوع تي پيري ڊي گرئنول کي.

39. ٽرٽوليَن (ڊي ڪورونا - باب - 3) اٽنسيَس (i, 101) وڏي ڇاڪاڻ جيسُسُٽ پيٽاويَس (مدلل ديني تعليم xv, 9, 10) کيترائي اهڙا حوالا، صليب جي ڇڪاءَ ۽ وقار جي سلسلي ۾ گڏ ڪيا آهن، جن آخري زماني ۾ اسانجن پروٽيسٽنٽ وڳوڙين کي گهڻو پريشان ڪيو هو.

40. سيسيليَس ڊي - ايبر - پي (باب - 44) اها ڳالهہ يقيني آهي تہ هن تاريخي تقرير جو دستاويز ترتيب ڏئي انکي تڏهن شايع ڪيو ويو جڏهن لسينيَس، جيڪو اوپر جو حاڪم هو، اڃا تائين ڪانسٽئنٽائن توڙي عيسائين جو پڪو دوست هيو. هر پڙهندڙ، جيڪو ادبي نفاست ۽ نزاڪت رکي ٿو، پڪ سان سمجهندو هوندو تہ تحرير جو معيار ايترو تہ گهٽ ۽ غير متاثر ڪندڙ آهي جيڪو لئڪٽينيَس جهڙي ليکڪ سان نہ تہ پيچي ٿو ۽ نہ ان لاءِ سونهين ٿو ۽ لي ڪلرڪ ۽ لارڊنر جو بہ اهوئي تجزيو آهي. (قديم ۽ جديد تحريرون (iii ، ص - 438) (انجيل جي تعليم جي سنڊ وغيره ii,vii,94) ڪتاب جي عنوان منجهان تي دليلَ، ۽ ڊونيٽَس ۽ سيسيليَس جي نالن منجهان، لئڪٽينيَس جي وڪيلن طرفان ڏنا ويا آهن (ڏسو پي ليستاسڪ - 60 - 46 ,ii) سيئي ثابتيون ڪمزور ۽ نقص واريون آهن پر اُنهن جي هڪ جهڙائيءَ کي وڏي اهميت آهي. مون گهڻو ڪري هن سلسلي ۾ هيڏي هوڏي پئي نهاريو آهي ۽ هينئر بہ پوري يقين سان نہ پر ڪجهہ ڪمزوريءَ مان ڪولبرٽ ايبر - ايس جي پئيرائي ڪندس تہ مصنف (پوءِ جيڪو بہ هجي) کي جيڪر سيسيليَس جو نالو ڏيان.

41. سيسيليَس ڊي ايبر - پي (باب - 46) ايبر - ڊي والٽيئر جي مشاهدي ۾ ڪجهہ وزن نظر اچي ٿو (xiv, 307) جيڪو ڪانسٽئنٽائن جي ڪاميابيءَ کي لئبرم جي زبردست شهرت سان منسوب ڪري ٿو جيڪا لسينيَس جي فرشتي کان متاهين آهي. ان جي باوجود، اهو فرشتو بہ پنهنجي قبوليت پاڻي، ٽليمانٽ، فِلَري وغيره وٽ ڳولي لهي ٿو جيڪي پنهنجن پنهنجن معجزن جي لِسٽ کي وڌائڻ جي چڪر ۾ مشغول رهن ٿا.

* (مئسيڊان جو فلپ 336 - 382 - ق - م سڪندر اعظم جو پيءُ)

+ (قئنٽَس سرٽوريَس، روم جو فوجي جنرل جنهن کي 72 ق - م ۾ قتل ڪيو ويو هو)

42. هنن مشهور مثالن ڪانسواءِ، ٽوليَس (لانگينَس جي ترجمي ۾ جيڪو بائليو جو مهاڳ آهي) ائنٽيگونَس جي خواب کي پروڙيو آهي جنهن پنهنجن فوجين کي يقين ڏياريو هيو تہ پينٽاگان (سلامتيءَ جي علامت) کي هنن لفظن سان ڏٺو هو: "هن سوپ ۾". پر ٽوليَس بغير ڪنهن سبب جي پنهنجي سنڊ کي پيش ڪرڻ کان نٽائي ويو آهي، ۽ سندس ادبي توڙي اخلاقي ڪردار ملامت ۽ مذمت کان خالي نہ آهي. (ڏسو شافپي جي تنقيد بابت ڊڪشنري - iv 460) ڊائوڊورَس، پلوٽارچ ۽ جسٽن وغيره جي خاموشيءَ تي زور ڏيڻ کانسواءِ، اهو محسوس ڪري سگهجي ٿو تہ پالييَنَس، جنهن هڪ الڳ باب ۾ (iv, 6) ائنٽيگونَس جون اٺويهہ فوجي حرفتون هٽ ڪيون آهن، هن زبردست خواب کان بلڪل بيخبر آهي.

43. ڪانسٽنٽائن جي فتح جي محراب تي لکيل نقشن، جن کي بئرونيس، گرورٽر وغيره ڪاپي ڪيو آهي، کي دلچسپي رکندڙ سياحَ هاڻي به پڙهي سگهن ٿا.

44. " تون يقيني طور تي ازلي روح سان مخفي رابطي ۾ جُڙيل آهين. جيڪو وڏيون مهربانيون ڪندي پنهنجي ذات جو اظهار فقط توتي ئي ڪري ٿو ۽ اسان پارن کي، ننڍن ننڍن ديوتائن جي حوالي ڪري ٿو ڇڏي." مدح سرائي (ix, 2) .

45. ايبر فريريٽ (نقش و نگار جي اڪيڊمي - iv, 411-437-) ۾ طبعي يا ظاهري سببن سان، قديمي دؤر جي تمام اهم شين بابت اسانکي ڪولي سمجهائي ٿو. نئبريشيس جنهن کي ٻئي ڏريون گهٽ وڌ ٽيون ڳالهائن، ڪانسٽنٽائن جي بهشتي صليب جي تعارف ڪرائڻ جي اجائي ڪوشش ٿو ڪري. اهو ائين آهي جيئن سج کي آئينو ڏيکارجي. (vi, 8-29) .

46. نزاريس (مدح سرائي - x, 14, 15) اهو غير ضروري آهي ته جديد ماڻهن جو نالو وڻجي جنجي غير اهم حيثيت ۽ چٽي ٻڪَ نزاريس جهڙي لادين جي لوپ لالچ کي به مات ڏئي وئي آهي.

47. ڪئسٽر ۽ پولڪس جي ظاهر واري ڳالهه خاص طرح مئسيڊونيا جي سوپ جي اعلانن جي، تاريخدانن توڙي قومي يادگارن ذريعي تصديق ٿي وئي آهي. ڏسو سسيرو ڪي (ڊي نيچرا ڊيورم - ۾ ii, 2, iii, 5, 6) فلورس (ii, 12) وئلريس مئڪسيمس (i,8 نمبر - 1) ان جي باوجود، انهن جي تازن ۽ هاٿرڪن معجزن کي نظر انداز ڪيو ويو آهي جن کي مڃڻ کان غير سِڌيءَ طرح لِوي به انڪار ڪري ڇڏيو آهي.

48. يوسيبيس - (i, 28, 29, 30) ڪليسائي تاريخ ۾ ساڳئي يوسيبيس جي خاموشيءَ کي، معجزن جي اُنهن حمايت ڪندڙن طرفان محسوس ڪيو ٿو وڃي جيڪي ايترا سنگدل ۽ ڪنور نه آهن.

49. ڪانسٽنٽائن جي بيان مان ظاهر ٿو ٿئي ته هن مئڪسينيس جي خلاف، ائلپس اُڪرڻ کان اڳ، صليب کي آسمان ۾ ڏٺو هو. اهو منظر صوبائي وڏائي ۽ ڦوندڙ جو اجايو اظهار آهي جيڪو ٽريوز ۽ بيسانڪن ۾ ڪيو ويو هيو. ڏسو تليمانٽ کي (شهنشاهن جي تاريخ ۾ iv, 573).

50. نيڪ تليمانٽ (ڪليسائي يادگيرين - (vii, 1317) آرٽيميس جي فنڪاريءَ کي ڏڏو ساهه پري رد ٿو ڪري جيڪو هڪ بزرگ ۽ شهيد هو ۽ جنهن ڪانسٽنٽائن جي خواب جي اڪين ڏٺي احوال جي تصديق ڪئي آهي.

51. جيلاسيس سِزڪ (نائيسيا جي ڪائونسل جو هڪ نقطو. i,4)

52. مشهور خواب جا حمايتي، چوٿين يا پنجين صدي عيسوي جي بزرگن ۽ درويشن جي ڪا هڪ شاهدي به پيش نٿا ڪري سگهن، جن پنهنجين ذخيرہ تحريرن ۾، ڪليسا ۽ ڪانسٽنٽائن جي فخر واري سوپ تي بار بار خوشيون پئي ملهايون آهن، جيئن ته هنن معتبر ماڻهن کي معجزن کان نفرت نه هئي، ته اسان کي شڪ ٿو پوي (۽ ان شڪ جي جيرور جي جهالت ذريعي تصديق ٿئي ٿي) ته اُهي سيئي ڪانسٽنٽائن جي زندگي کان بيخبر هيا جيڪا يوسيبيس بيان ڪئي آهي. هن پاسي يا رُخ جي تڏهن خبر پئي جڏهن هنن وڏي محنت ڪري سندس ڪليسائي تاريخ جو ترجمو ڪيو ۽ ان تي وڌيڪ ڪر به ڪيو ۽ جن صليب جي خواب بابت مختلف رنگن ۽ زاوين جو جائزو پڻ ورتو آهي.

53. گاڏفراء پهريون هو جنهن سال 1643ع ۾ معجزن بابت شڪ جو اظهار ڪيو هو جن جي اوتري ئي شدت سان ڪاوڙنل بئرونيس ۽ مئگڊيبرگ جي بزرگن طرفان پٽيرائي به ڪئي وئي هئي. ان وقت ڪانوئي ڪيترن ئي پروٽيسٽنٽ

نقادن ۾ پنهنجي طرفان شڪ ۽ بدگماني۽ جو اظهار پڻي ڪيو آهي. اعتراضن کي شاڀي طرفان زور وڌايو ويو آهي. (تنقيد بابت ڊڪشنري - iv, 6-11) ۽ سال 1774ع ۾ سوربون جي ڊاڪٽر ابي ڊُروائزن هڪ معاني نامو ڇاپيو جيڪو اعتدال، علر ۽ ڄاڻ جي سلسلي ۾ بيحد تعريف لائق آهي.

54. " پوءِ ڪانسٽنٽائن هينئن ڳالهايو: "مون بت پرستي ڇڏي ڏني آهي ۽ تباهه ڪيل ڏکندڙ مندرن تي بيهي مون جنت جي خدا پاڪ جي خدمت ۾ لوبان جي ڪڙن جو نذرانو آڇيو آهي. ۽ سندس عظمت جي آڏو، منهنجي سڄي عجز ۽ انڪساري ۽ منت زاري۽ جو فقط ۽ فقط هڪڙو مقصد هيو: "منهنجي پنهنجي ذات" جيتريقدر منهنجو تعلق آهي، جيڪي پاڪ قربان گاهه هيا اُهي شاهي تخت حاصل ڪرڻ لاءِ منهنجن پيرن ڪُپائڻ جي جڳهه هئي. مطلب تارڙ، جنون ۽ خوشي - اهي منهنجا ديوتا ۽ منهنجين قربانين جا حربا هيا، عيسائي سونَ، عيسائي سازشن ۽ عيسائي رت مونکي سڀ ڪجهه ڏئي منهنجي مطلب تارڙ ۽ وڏي مرتبي تي پهچائڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي آهي." اها شاعري جنهن ۾ اهي سٽون ڇيون ويون آهن، خوشيءَ سان تہ پڙهي سگهجي ٿي پر انکي سنجيده ۽ باوقار شاعري نٿو ڪوٺي سگهجي. ـ والٽيئر جي لاپوسيل - شاعري جيڪا "جون آف آرڪ" جي ڪنوارپ جي تقدس تي چٽي وئي هئي.

55. هي من پسند ماٿهو شايد عظيم سوسيَس ۽ قرطبہ جو بشپ هيو جنهن سڄي ڪليسا جي ڳوناڻي طريقي جي سار سنيال هڪ خاص ضلعي جي حڪومت جي حوالي ڪري ڇڏي هئي. سندس ڪردار کي اٽنئيَس مختصر پر شاندار نموني سان بيان ڪيو آهي. (i, 703) ڏسو ٽليمانٽ (ڪليسائي يادگيريون -vii, 521-561) اوسيَس تي هڪ بي بنياد الزام لڳو هو تہ هن عدالت مان جڏهن رٽائر ڪيو هو تہ وٽس جهجهي دولت هئي.

56. ڏسو يوسيبيس کي ڪانسٽنٽائن ۾ زوسيمَس (ii, 104) .

57. لئڪٽينٽيَس جي عيسائيت، ۾ اسرار هڻڻ جي بجاءِ اخلاقيات واري هئي. "هن کي عيسائيت جي اصولن جي بہ خبر ڪانہ هئي پر هو، ديني تعليم جي بجاءِ تقرير جي فن جو وڏو ماهر هيو." (ڊفينسيو فائڊي نائسيني - ii, 14).

58. فئبريشيَس وڏي محنت ڪري ٻن ڪان چٽن سوَن مصنفن جي هڪ لسٽ تيار ڪئي آهي جنهن کي يوسيبيَس جي ڪتاب: انجيل بابت تياريون، ۾ بہ بيان ڪيو ويو آهي. ڏسو گريس جا تاريخوار واقعا. (v,4, ۽ vi صفحا - 56 - 37)

* (ڊچ قانوندان ۽ تاريخ نويس - 1645 - 1583)

+ (فرانسيسي فليسوف - 1662 - 1623)

+ + (انگريز فيلسوف - 1704 - 1632)

59. ڏسو ڪانسٽنٽائن (تقريرون - بابَ 19، 20) هن گهٽو ڪري هڪ رازداري واري شاعريءَ تي ٿي پاڙيو جيڪا ايريٽرين سِبل، وڏي ٻوڙ اڇڻ ڪان پوءِ ڇهين دور ۾ لکي هئي ۽ جنهن جو لاطيني زبان ۾ ترجمو سِسيرو ڪيو هو. جوڙيهن يوناني شعرن جا شروعاتي لفظ هڪ پيغمبريءَ واري جملي جي جوڙجڪ ڪن ٿا: "حضرت عيسيٰ (ع - س) خدا جو پٽ - سڄي دنيا جو محافظ."

60. ورجل جي هڪ جملي ۾، شهنشاهه لاطيني متن جي مدد ڪندي، اصلي معنيٰ مفهوم ۾ ضروري تبديلي ڪري، ان ۾ ڪافي بهتري آندي آهي. (ڏسو بلانديل، سبل 16 ,15 ,14 ,i)

61. پوليو، جُوليا، ڊرسَس ۽ مرسيلَس منجهان هر هڪ جي وڏي ۽ نندي پُٽ جون دعوائون، تاريخوار واقعن، تاريخ ۽ ورجل جي نفيس سوچ سان نٽيون پيچن.

62. ڏسو لوٽ (xxi, 289 - 293) گوناڻي زندگيءَ بابت چوٽين نظر جي تجزيي سان، لنڊن جي معزز بشپ، علم، نفاست، بلند ذهن ۽ معتدل جذبن جو اظهار ڪيو آهي جيڪو سندس راءِ کي گهٽ ڪرڻ بدران، سندس تصور کي ايا وڌيڪ متاهون بنائي ڇڏي ٿو.

63. قومي ۽ خدائي خدمت جي ڳجهن رازن جو فرق جنهن کي: "مذهب ۽ نوَن داخل ٿيندڙن جي سِکيا لاءِ ۽ عقيدتمندن لاءِ مواد" جو نالو ڏنو ويو آهي، ۽ هڪ رازداريءَ واري پردي، جنهن کي نيڪي يا پاليسيءَ سبب پوئين طبقي تي وڌو ويو هو، بابت ٽائيرس ڪافي منصف مزاجيءَ سان ان تي روشني وڌي آهي. (درويشن جي مذهبي رسمن جي پرک i بابَ 12-8، صفحا 91-59) پر، جيئن ته هن موضوع تي پاپائن تي ممڪن آهي ته شڪ ڪيو وڃي، ته هڪ پروٽيسٽنٽ پڙهندڙ ٻنگهر جهڙي عالم تي وڌيڪ اعتماد ڪندو. (قديمي تحريرون - x-5).

64. ڏسو يوسيبيَس (ڪانسٽنٽائن 32-15 iv) ۽ ڪانسٽنٽائن جي سچي تقرير جو لهجو. شهنشاهه جي عقيدي ۽ سندس مذهبي لڳاءَ بٿرونيَس کي شاندر دليلن ڏيڻ جو جواز پيش ڪيو آهي ته شهنشاهه اڃَ ۾ ئي عيسائي ٿي چڪو هو.

65. ڏوسيمَس (ii, 105) .

66. يوسيبيَس (ڪانسٽنٽائن - iv, 15, 16)

67. قديم روايتن موجب پاڪ غسل ڏيڻ ۽ عيسائي ٿيڻ جا اصول ۽ عمل ڊاهه چارلٽن (عيسائيت جي رسمن جي تاريخ - (i, 3-405) ۾ چگيءَ طرح سمجهايا آهن، ان سان گڏ ڊاهه مارٽين، (ڪليسائي قدامت - i) ۽ ٻنگهر عيسائي قديمي روايتن جي ڏهين ۽ يارهين ڪتاب ۾ وضاحت ڪئي آهي. هڪ ڳالهه جو بهرحال مشاهدو ڪرڻ ضروري آهي ته جديد ڪليسائون يا گرجائون پنهنجين قديم روايتن کان گهٽو پوئتي هٽي ويون آهن. پاڪ غسل جي رسم (توڙي جو اُها ڪير پياڪ ٻارن تي ٻه ادا ڪئي ويندي هئي) ادا ٿيڻ ڪانپوءِ ان جي تصديق ڪئي ويندي هئي ۽ ان کان پوءِ وري ان کي پاڪ لاڳاپن سان ملايو ويندو هو.

68. بزرگن، جن دير ٿيڻ جي مذمت ڪئي هئي، ان ڳالهه کان ٻه انڪار نه ڪيو ته بعد ۾ اثرائتو ڪر ڏيکاريو ويو ۽ مرڻ وقت ٻه عيسائيت جي رسم ادا ڪيائون. ڪرسوسٽم پنهنجي زبردست تقرير ۾ دوراندیش عيسائين خلاف فقط ٽي دليل ڳولي سگهيو. 1. ته اسانکي نيڪي ۽ اخلاق سان، پيار خاطر ٽي پيار ڪرڻ گهرجي ۽ نه ڪنهن انعام اڪرام حاصل ڪرڻ جي نيت يا ارادي سان. 2. ته اسانتي ممڪن آهي ته موت اوچتو اچي ڪڙڪي ۽ عيسائي ٿيڻ جي رسم ادا ڪرڻ جو موقعو ئي نه ڏئي، ۽ 3. ته توڙي جو اسان جنت ۾ ضرور ويندا سين پر اُتي اسان فقط تارن جيان پيا ٽمڪندا سين، ۽ اها پيٽ جڏهن حق سچَ جي بلند ۽ روشن سِجَن سان ڪريون ٿا جن پنهنجي مقرر ٿيل زندگي محنت، ڪاميابي ۽ وقار سان گذاري آهي ته پوءِ اسان جي حيثيت ڪجهه ٻه ناهي، ڪرسوسٽم (تحريرن ۾) ۽ چاردن (عيسائي رسمن جي تاريخ ۾ - i, 49) آءُ سمجهان ٿو ته پاڪ غسل ڏيڻ جي سلسلي ۾ جيڪا اجائي دير ٿي هئي، توڙي جو انجا خراب نتيجا نڪتا، پر ڪنهن ٻه جنرل توڙي صوبائي ڪائونسل ان جي مذمت ٻه نه ڪئي هئي ۽ نه وري

ڪنهن قانوني نقطي ذريعي. ڪنهن ماڻهن جي ميڙ طرفان يا ڪليسا طرفان ٻه ايڏي وڏي غلطي ۽ ڪوتاهيءَ لاءِ ڪجهه ٻڌايو ويو. حالانڪ ڏنو وڃي ته عام حالتن ۾ ٻه بشپ ننڍين ننڍين ڪوتاهين تي ٻه تبي باهه ٿي ويندا هيا.

* (ڪرسپس 326ع) (گبن سندس موت بابت باب - 18 ۾ ذڪر ڪيو آهي)

69. ڏوسيمس (ii, 104) هن چالبازي واري سفيد ڪوڙ ڳالهائڻ لاءِ. هن سان سڀني ڪليسائي ليکڪن طرفان سخت ورتاءُ اختيار ڪيو ويو جيڪو هن لهڻو ٻه هيو سواءِ ڪارڊنل بئرونيس جي (324ع نمبر 28-15) جنهن ان بي دين ماڻهوءَ کي آرين يوسيبيس جي خلاف ڪر ڪرڻ لاءِ پاڻ وٽ ملازم رکيو هو.

+ (هڪ نئون مذهب ۾ داخل ٿيندڙ)

70. يوسيبيس (iv, 61, 62, 63) سزئريا جو بشپ. ڪانسٽنٽائن لاءِ مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته ڪيس نجات ضرور ملندي.

71. ڏسو ٽليمانٽ (شهنشاهن جي تاريخ ۾ - iv, 429) يونانين. روسين ۽ اونداهي دؤر ۾ خود لاطينين پڻ ان خواهش جو اظهار ڪيو هو ته ڪانسٽنٽائن کي درويشن ۽ بزرگن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو وڃي.

72. سندس زندگيءَ جو ٽيون ۽ چوٿون ڪتاب ضرور مطالعي هيٺ آڻيو. هو هر پيري بس ائين چوندو ٿي رهندو هو ته حضرت عيسيٰ (ع - س) جي سِکيا ڪوڙ ۽ فريب ۾ ٿي هئي يا حق ۽ سچ ۾. سندس ان سان ڪو واسطو ڪو نه هو. بس هو هر حال ۾ خوش رهڻ ٿو چاهي. (iii, 58) .

73. ايم - ڊي ٽليمانٽ (شهنشاهن جي تاريخ ۾ iv, 374, 616) پنهنجي پوري قوت ۽ جذبي سان قسطنطنيه جي نِج سُونهن ۽ حسن کي بي دين ڏوسيمس جي ڪدورت جي اُبتڙ ساراهيو ۽ انجو دفاع ڪيو آهي.

74. سياسي ۽ فلسفي جي تاريخ (ابي رينل - 1796 - 1713) ڪانسٽنٽائن جي ان قانون جي سخت مذمت ڪري ٿي جنهن اُنهن سڀني غلامن کي آزاد ڪري ڇڏيو هو جن پنهنجو مذهب ڇڏي عيسائيت اختيار ڪئي هئي. شهنشاهه اهڙو قانون ٻه ڏاهي شايع ڪرايو هو جنهن مطابق يهودين کي طوهر ڪرائڻ کان روڪيو ويو هو. شايد انڪري ته هن ڪنهن ٻه عيسائيءَ کي غلام رکڻ نٿي چاهيو. (ڏسو يوسيبيس - ڪانسٽنٽائن ۾ iv, 27 ۽ ٿوڊوسين ڪوڊ - xvi, ix گاڊفراءِ جي تبصري سميت vi, 247) پر هي اٽپورو قانون ۽ امتيازي سلوڪ فقط يهودين سان رکيو ويو هيو. ۽ جيڪي گهٽي تعداد ۾ غلام هيا جيڪي يا ته عيسائين يا لادين مالڪن جي ملڪيت هيا. پنهنجو مذهب بدلائي پنهنجي دنياوي حالت سُڌاري نٿي سگهيا. مونکي خبر نٿي پوي ته ڪهڙي هدايت موجب ابي رينل کي فريب ڏنو ويو ۽ چو ته حوالن جو مڪمل طور تي غائب ٿيڻ، تاريخ لکڻ جو هڪ اهڙو وڏو ڏوهه ۽ الزام آهي جنهن جي معافي هرگز نٿي ملي سگهي. (هاڻي اِها خبر پئي آهي ته ان منفي ۽ ڪُڌي ڪر کي ڊائڊروٽ کان ڪرايو ويو هو.)

75. ڏسو ائڪٽا اِسٽي سلويسٽري ۽ ڪليسائي تاريخ (نائسينر - vii, 34) بئرونيس (ڪليسائي تاريخوار واقعا - 324ع نمبر - 67،74) اهڙي شاهدي نفرت لائق آهي، پر هي حالتون اهڙيون ته مبهم آهن جو سُجاڻ ڊاڪٽر هاويل (دنيا جي تاريخ - iii, 14) ٻه ان کي اختيار ڪرڻ مناسب نه سمجهيو.

76. ڪانسٽنٽائن جي حڪومت ۾ بربرن جي مذهب متائڻ ۽ عيسائيت اختيار ڪرڻ کي ڪليسائي تاريخدانن طرفان ملهايو ويو هو. (ڏسو سوزومين - 6، ii, ۽ ٿيوڊريٽ i,23,24) پرروفينس، يوسيبيس جو لاطيني مترجم، پاڻ کي ان لائق بڻايو هو ته کيس اصل سندَ طور تسليم ڪيو وڃي. سندس معلومات کي نهايت ئي سنجيدگيءَ سان حبش جي حواريءَ جي ساڻين کان حاصل ڪئي وئي هئي ته ساڳي وقت بٽڪوريس کان به ڪافي معلومات ملي جيڪو آئبيريا جو شهزادو هو ۽ گهريلو معاملن جو آفيسر پڻ هيو. فادر مماچي، عيسائيت جي واڌاري بابت ڪافي تفصيل گڏ ڪيا آهن جيڪي سندس زبردست پر اڻپوري تحريري ڪم جي پهرئين ۽ ٻي جُلد ۾ موجود آهن.
* (جارجيا)

77. ڏسو يوسيبيس ۾ (ڪانسٽنٽائن iv, 9) هڪ زوردار پر نراس ڪندڙ ڪانسٽنٽائن جي تحرير جيڪا هن فارس جي عيسائي برادري جي حقَ ۾ قلمبند ڪئي هئي.

78. ڏسو بسنيج ڪي (جوئنس جي تاريخ ۾ - vii, 182 ، viii, 333 ، ix, 810) هن ليکڪ جي محنت ۽ تحقيق ذريعي معلوم ٿئي ٿو ته يهودين کي ملڪ نيڪالي ڏئي دنيا جي آخري ڪُنڊن ۽ ڇيڙن تائين پهچايو ويو هو.

79. ٿيوفيلَس کي پنهنجن ئي ملڪ جي ماڻهن کيس ديوا جي ٻيٽ تي تڏهن يرغمال ڪري موڪليو هو جڏهن ايا هو ڪيرَ پياڪ ٻارڙو هو ۽ جنهن کي رومين نيڪي ۽ چڱائيءَ جي تعليم ڏياري هئي. مالديو، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ مالي يا ديوا هو، هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهن ۾ هندي سمنڊ جا 1900 ڪانوئي 2000 ٻيٽ آهن. قديمي ماڻهو يا ته مالديو کان واقف ئي نه هيا، پر جي هيا ته ان بابت سندن ڄاڻ اڌوري ۽ اڻپوري هئي، پر ان جو تذڪرو نائين صديءَ جي ٻن مسلمان سياحن ڪيو آهي جنهن کي رينادوٽ ڇپرايو آهي. (جاگرافي - نيوبيئنس صفحا - 31-30) ڏي هر بيلوٽ - (مشرق جي تاريخ جو احوال - ص 704 ۽ ساموندي سفرن جو احوال نامہ - viii)

80. فلوسٽورجيس - (iii, 4,5,6) گاڏفراء جو علمي مشاهدن ۽ تبصرن سميت تاريخي بيان تڏهن بي معنيٰ ٿي وڃي ٿو جڏهن بهشت جي جڳهه ۽ عجيب ديوَن ۽ راڪاسن بابت معلومات ڪئي وڃي ٿي.

81. ڏسو اوسيَس جي تحرير (آلنشيَس - i, 840) عوامي احتجاج، جنهن کي اوسيَس پُٽ لاءِ خطاب ڪرڻ لاءِ مجبور يا پابند هو، ان ۾ پڙ ساڳيا ڪليسائي ۽ شهري انتظام جا اصول رکيل هيا جيڪي هن مخفي طرح پيءُ جي دماغ ۾ وجهي ڇڏيا هيا (يعني ڪانسٽنٽائن. ڏسو هن باب جو 55 نمبر حاشيو).

82. ايم - ڊي لاباسٽي (نقش ونگار جي اڪيڊمي جون يادگيريون - xv, 38-61) واضح طور تي ثابت ڪيو آهي ته آگسٽس ۽ سندس جانشينن، روم جي شهنشاهت جي وڏي ۾ وڏي پادريءَ جا سڀ مقدس ڪم، ڊيوٽيون ۽ فرض پنهنجي سِر پاڻ نباهيندا هيا.

83. قسطنطنيه جي ڪليسا ۾ ڪو مختلف ۽ متضاد قسر جو عمل ٿيندو رهيو هو، پر سخت طبيعت جي ائمبروز، ٿوڊونسيَس کي حڪم ڏنو ته هو ڪجهه پنتي ئي وجن ۽ کين سيکارن ته هڪ بادشاهه ۽ پادري جي وچ ۾ ڪهڙو فرق هو. (ڏسو ٿوڊوريٽ - v, 18)

84. شهنشاهه مئڪسيمس جي ٽيبل تي هڪ غاصب جنهن برطانيه ۾ فساد برپا ڪيو ۽ جنهن کي اٽلي ۾ شهنشاهه ٿيوڊوسيس 388ع ۾ شڪست ڏني هئي) مارٽن، ٽورس جي بشپ کي هڪ نوڪر ڪيس پيالو هٿ ۾ ڏنو. جيڪو هن وري نائب پادريءَ کي ڏنو جيڪو سندس ساڻي هو. هي سڄو عمل شهنشاهه کي پيالي ڏيڻ کان اڳ ۾ ٽيو ۽ راڻي مارٽن سان گڏ ويٺي هئي. سلپيشيس سيورس (ايس ٽي مارٽن - باب - 23 ۽ گفتگو - ii, 7) ان جي باوجود اها ڳالهه اڃا به شڪ واري آهي ته هن قسر جون حد کان وڌيڪ مهربانيون بشپ کي آڇيون ٿي ويون يا بزرگ کي. جيڪي اعزاز گهٽو ڪري پهرئين ڪردار کي ڏنا ويا اُهي ٻنگهر جي قديمي تحريرن (ii, 9) ۽ ويلز (ٽيوڊريٽ iv, 6) ۾ ڏسي سگهجن ٿا. ڏسو هڪ اردائي واري رسر جيڪا ليونٽيس سان رچائي وئي جيڪو ٽرپولي جو بشپ هيو ۽ اُها رسر راڻي تي به زوريءَ مڙهي وئي هئي. ٽليمانٽ (شهنشاهن جي تاريخ ۾ iv, 754) پٽريس اپوسٽرل (ii, 179) .

85. پلوٽارچ پنهنجي آئيسس ۽ اوسيرس جي مقالي ۾ اسانکي ٻڌائي ٿو ته مصر جا بادشاهه، جيڪي اڳ ۾ پادري نه هيا، اليڪشن کانپوءِ کين پادرين جي اداري ۾ آماده ڪري شامل ڪيو ويو.

86. اَنگن جو حساب ڪتاب ڪنهن به قديمي ليکڪ نه رکيو آهي، نه وري اُهو اصل واري مڪمل فهرست ۾ موجود آهي، جو ته مشرقي گرجائن جون نامڪمل لسٽون جديد ۽ پوءِ جون آهن. ليوڪ هولسٽينس جي چارلس اسٽو پائلو جي خاموش محنت توڙي ٻنگهر جي ڪر ۽ سخت ڪوشش سان پادري توڙي ڪليسائن جي رڪارڊ جي پوري چند ڇاڻ ڪئي وئي هئي جيڪو روم جي شهنشاهت سان مطابقت رکندڙ هيو. عيسائين جي قديم احوالن جو نائون ڪتاب ڪليسائي جاگرافيءَ جو تمام مستند نقشو آهي.

87. بهراڙين جي بشپن جي موضوع تي جن ڪائونسلن ۾ وٺ ڏنا هيا ۽ ننڍن حڪمن کي جاري ڪيو هو، (ڏسو ٽوماسن - نظر ۽ ضبط جا اصول - i, 447 ۽ چاردن جي، عيسائي رسمن جي تاريخ - v, 395) اهي ڇاپا چوٽين صدي عيسوي تائين ظاهر نه ٿيا هيا ۽ هي مشڪوڪ ڪردار، جنهن پادرين جي حسد کي گهٽو اُپاريو هو، کي ڏهين صدي کان اڳ مشرق توڙي مغرب ۾ ختر ڪيو ويو هو.

88. ٽوماسين (نظر ۽ ضبط جا اصول - ii, ii, 1-8, 673-721) بشپن جي اليڪشن جي موضوع تي، جيڪي اوپر توڙي اولهه ۾ پهرئين پنجن صدين ۾ ڪرايون ويون، تمام تفصيل سان لکيو آهي، پر هن هڪ طرفو تعصب، پادرين جي اداري جي حق ۾ ڏيکاريو آهي. ٻنگهر (iv, 2) شائستگي رکندڙ آهي ۽ چاردن (عيسائي رسمن جي تاريخ -v, 108-128) ۾ پنهنجي بيان ۾ تمام واضح ۽ مختصر آهي.

89. " هڪ تمام وڏو ماٺهن جو هجوم، نه فقط ان شهر (ٽورس) پر پاڙيوارن شهرن ۽ واهٽن مان به وٺ ڏيڻ جي لاءِ اُتي جمع ٿيو هو. " سلپيشيس سيورس (مارٽن ۾ باب - 7) لائوڊيسيا جي ڪائونسل (ڪليسائي قانون - xiii) جلسن جلوسن، وڳوڙن تي مڪمل پابندي لڳائي ڇڏي هئي؛ ۽ جسٽينين اليڪشن جي حق کي فقط اميرن، سردارن ۽ وڏن ماٺهن تائين محدود ٿو ڪري. (نوويل - cxxiii,1).

90. سِڊونيس اپولينئرس - (iv, 25, vii, 5, 9) گال جي ڪليسا جي بدناميءَ جي قصن کي وائکو ٿو ڪري، ۽ گال گهٽ مهذب ۽ اخلاقي طرح به بي اوپر کان گهٽ بگڙيل هو.

91. کڏهن کڏهن قانون ذريعي يا وري رضامنديءَ سان کو راضي نامو عمل ۾ ايندو هو، يا ته بشپ يا وري عوام ٿن منجهان کنهن هڪ کي پنهنجو نمائندو چونڊيندا هئا جنهن جو نالو وري هي ڏر طرفان تجويز ڪيو ويندو هو.

92. سڀئي مثال جيڪي ٿو ماسِن (ڊي اينگلائز جو جانشين - (ii, 6, 704, 714) بيان ڪيا آهن سي زور ۽ طاقت ۽ کڏهن اذيتن جي نمائندگي ڪن ٿا. اليگزئندريا جي بشپ طرفان تصديق کي فلوسٽورجيس هڪ دستوري عمل ڄاڻايو آهي. (ڪليسائيَ تاريخ - ii, 11)

* (بشپ جي هي ضلعي ڏانهن بدلي)

93. پادرين جي ڪنواري رهڻ ڪي، پهرين پنجن يا ڇهن صدين ۾، نظر ۽ ضبط جو يا ساڳئي وقت اختلافن جو موضوع پڻ بنايو ويو آهي، جنهن تي وڏي محنت سان ڪر ڪيو ويو آهي ۽ ان جي چند ڇاڻ پڻ ڪئي وئي آئي. خاص طرح ڏسو ٿوماسِن (نظر ۽ ضبط جا اصول - i,ii,Ix,Ix1,886-902) ۽ بنگهر جون قديمي تحريرون (iv, 5) هنن وڏن پر جانبدار نقادن مان، اڏ سڄ منظر عام تي آيو آهي ۽ باقي اڏ ڪي لکايو ويو آهي.

94. دايوڊورَس سکيولَس پادرين جي موروثي جانشينيءَ جي سرشتي جي مصرين، ڪالديَنس ۽ هندستانين ۾ تصديق ٻه ڪري ٿو ته ان کي منظور پڻ ڪري ٿو. (i, 84, ii, 142, 153 جنهن کي ويسلنگ ايڊٽ ڪيو آهي) اميئينَس ماگي مذهب کي هڪ وڏو خاندان ٿو ڪوٺي: "ڪيترين صدين کان وٺي اڄ ڏينهن تائين، بيشمار ماڻهو ۽ سڀئي هڪڙي ئي ساخت ۽ طريقي جا پيدا ٿي ويا آهن ۽ سڀئي پنهنجن خدائن جي پوڄا ڪن ٿا. " (xxiii, 6) آسونيَس ڊُروئڊس جي ذات تي خوشيءَ جو اظهار ٿو ڪري، پر اسان کي سيزر جي هڪ چوٽيءَ کي سمجهڻ جي ضرورت آهي (بيل، گال - vi, 13) ته ڪلٽين جي رُتبن يا عهدن جي وَڏ - نندائيءَ ۾ چُوند ۽ تقليد ڪرڻ جي ڪجهه گنجائش ضرور رکيل هئي.

95. پادرين جي پيشي، سندن پادري ٽيڻ جي عمل ۽ فرمانبرداريءَ بابت ٿوماسِن وڏي محنت ۽ تفصيل سان وضاحتون ڪيون آهن. (نظر ۽ ضبط جا اصول (ii, 1-83) ۽ بنگهر (سندس قديمي تحريرن جي چوٽين ڪتاب ۽ خاص طرح 4,6,7 بابن ۾) جڏهن سينيٽ جيروم جي پاءُ کي قبرص ۾ پادري بنايو ويو هو، ته راهبن زبردستيءَ سان سندس وات کي بند ڪيو ته متان هو اوچتو کو اعتراض ڪري جنهن سان مبادا مقدس رسمون ۽ رواج ختر ٿي وڃن.

96. بار کان نجات حاصل ڪرڻ جو خاڪو، جيڪو پادرين عيسائي شهنشاهن کان حاصل ڪيو هو، ٿوڊوسين ڪوڊ جي 16هين ڪتاب ۾ موجود آهي جنهن کي وڌيڪ وضاحت ۽ بيان جي صفائيءَ سان گاڏفراءِ پيش ڪيو آهي جنهن جو دماغ، شهرين جي مختلف ۽ متضاد تعصبن جي تجربي مان گذري مانيٽو ۽ معتدل ٿي ويو هو. ته ساڳئي وقت پروٽيسٽنٽ پڻ هيو. (چو ته هو روم جي قانون جو ماهر هيو)

97. جسٽينين (نوويل - سي iii) سڏ نائب پادري، يا پادري، هڪ سؤ راهبَ، چاليهه راهبائون، نوي نائب راهب، هڪ سؤ ڏهه ريڊر، پنجويهه ڳائڻا، هڪ سؤ دربان، يعين مجموعي طور پنج سؤ پنجويهه ماڻهو هيا. هِنن مختصر ماڻهن کي شهنشاهَ، ڪليسا جي چند چڏائڻ لاءِ مقرر ڪيو هو جيڪا قرضن ۽ رياج جي رقم ۾ وکوڙجي وئي هئي چو ته ان جي نظرداري ڪرڻ وارا ماڻهو مٽي ڇاڻايلن کان ٻه گهٽا هيا.

98. "ڪارٿيج جي ڪليسا جا پادري لڳ ڀڳ پنج سؤ يا شايد ايا ۽ وڌيڪ هيا. جن ۾ وري گهٽا آفيسر ننڍي عمر جا ٻار هيا." هڪ شاهوڪار ملڪ جو هي ادارو تباهه ڪندڙن جي ظلمن ۽ ڏاڍاين جي باوجود ۽ بس تڳي رهيو هو.

99. ستن حڪمن جي تعداد کي لاطيني ڪليسا ۾ نمايان ڪري لڳايو ويو آهي جنهن ۾ پادري جي ڪردار کي شامل نه ڪيو ويو آهي. پر چئن ننڍين عهدن جا ننڍا حڪم هاڻي فضول ۽ اجايا لقب بڻيل آهن جن جي ڪا اهميت ڪانهي.

100. ڏسو ٿوڊوسيَن ڪوڊ (xvi, 2, 42, 43) گاڊفراءِ جو تبصرو ۽ اليگزنڊريا جي ڪليسائي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو ته اهڙن پاڪ ادارن کي ۽ تباهه ٿيڻ جو خطرو رهي ٿو جن اڪثر ڪري وڳوڙن ۾ وڪوڙيل گاديءَ جي هنڌ جي امن امان کي چيهو پئي رسايو آهي.

101. ملن جو فرمان (ڊي - ايم - پي، باب - 48) جي پڙهڻ سان لڳي ٿو ته اهو مجيو ويو آهي ته زميني ملڪيت موجود هئي: "گڏيل ملڪيت جيڪا ماڻهن جي ذاتي نه پر ڪليسائن جي آهي." هڪ وڏي مئجسٽريٽ پاران اهڙو باوقار اعلان يقيني طور تي سڀني عدالتن ۾ پهچي ڇڪو هوندو جيڪو شهري قانون جو پڪو پختو اصول آهي.

102. "پلي هر هڪ ماڻهوءَ کي اهو حق هجي ته هو جيڪو ڪجهه پاڪ ڪئٿولڪ چرچ يا ان جي باوقار ڪائونسل جي لاءِ پنهنجي وصيت ۾ ڇڏڻ چاهي ته اُهو ان لاءِ خود مختيار آهي." ٿوڊوسين ڪوڊ - (xxi, ii, 4) هي قانون روم ۾ 321ع ۾ ان وقت شايع ٿيو هو جڏهن ڪانسٽنٽائن کي اوير جي شهنشاهه سان اختلافن ۽ ان جي ٽُٽڻ جو خطرو پيدا ٿي پيو هو.

* جَهن منجهان هڪڙو شهنشاهه 308 ۾ جنهن کي ڪانسٽنٽائن روم جي ويجهو 312ع ۾ شڪست ڏني هئي)

103. يوسيبيَس (ڪليسائي تاريخ - x,6 ۽ ڪانسٽنٽائن ۾ - (iv, 28) هو هر هر عيسائي سورمي جي فراخدليءَ تي بحث ٿو ڪري جنهنکي بشپ پاڻ ڇاڻڻ ۽ انکي آزمائڻ چاهيو هو.

104. يوسيبيَس (ڪليسائي تاريخ - x, 2,3,4) سرئريا جي بشپ جنهن پنهنجي مالڪ جي مزاج کي پڙهيو به هيو ته ساڳي وقت ان کي خوش به رکيو هو. جيروسلم جي ڪليسا بابت سڄو ۽ تفصيلي احوال ماڻهن جي سامهون کولي ٻڌايو. (ڪانسٽنٽائن iv, 46) اُن گرجا جو وجود هاڻي ڪونهي، پر هن ڪانسٽنٽائن جي زندگي جي احوال ۾ (iii, 36) تعمير ۽ سينگارڻ سنوارڻ جو خاص ذڪر شامل ڪري ڇڏيو آهي. ساڳئي وقت هو قسطنطنيه ۾ پاڪ حوارين جي ڪليسا جو به حوالو ڏئي ٿو.

+ (لبنان)

105. ڏسو جسٽينين (نوويل - cxxiii,3) وڏن پادرين جو پٽسو ڏوکڙ يا ملڪيت توڙي دولتمند بشپن جي، ظاهر توڙي ڀڪل بيان نه ڪئي وئي آهي. وڏي ۾ وڏي بشپ جي سالياني ڪمائي ٽيهه ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻه سون جا پائونڊ وڄي ٻيهندي، سراسري شايد سورهن پائونڊ وڄي ٽيندي، پر قيمت جا هي اندازا، اصل ڪان گهٽا گهٽ بيان ڪيا ويا آهن.

106. ڏسو بئرونيَس (ڪليسائي واقعا - 324ع نمبر - 58,65,70,71) هر تفصيل، جيڪو وٺيڪن ڪان اڇي ٿو، تي جائز طور شڪ ڪيو وڃي ٿو. ان جي باوجود ڪراين مان مليل رقم قديمي ۽ مستند نظر اڇي ٿي، جنهن مان اهو

صاف ظاهر آهي ته جيڪڏهن دستاويزن ۾ ڪا هيرا ڦيري ڪئي وئي هئي ته اُها ان دؤر ۾ ڪئي وئي جڏهن بادشاهتون يا شهنشاهتون نه پر زمينون ۽ ملڪيتون ئي پاپائي حرص ۽ لالچ لاءِ ڪمزوريون هونديون هيون.

107. ڏسو ٿوماسِن (نظر ۽ ضبط جا اصول - (iii, ii, 13,14,15, 689-706) ڪليسائي ناٿي جي قانوني ورهاست. ائمبروز ۽ ڪرسوسٽم (يعني چوٿين صديءَ جو ٻيو اڌ) جي وقتن ۾ ايڏا طئي نه ٿي هئي. سِمپليشيَس ۽ گلئسيَس جيڪي پنجين صدي عيسوي جي پڇاڙيءَ ۾ روم جا بشپ هيا، سندن ٻهراڙيءَ وارن خطن ۾ هڪ عام قانون جو ذڪر ٿا ڪن جيڪو اڳ ۾ ئي اٿلي جي رسمن روايتن ذريعي تسليم ڪيو ويو هو.

108. ائمبروز جيڪو ڪليسائي حقن ۽ فائدن جو جوشيلو دعويدار هو، آڻ ميجي ويو ۽ چپ چاپ ۽ بغير ڪنهن شڪايت جي ڏَلَ ڏئي ڇڏيائين. "جيڪڏهن شهنشاهه ٽئڪس جي گُهرَ ڪري ٿو ته اسان انڪار نٿا ڪريون. ڪليسائن جي زمينن تي ٽئڪس ورتو وڃي ٿو. اسان سيزر هيٺ رهون ٿا ۽ اُهو ڪجهه ڏيون ٿا جيڪو سيزر جو آهي ۽ خدا کي اُهو ٿا ڏيون جيڪو ڪجهه خدا جو آهي. ٽئڪس سيزر جو آهي تنهنڪري انڪان انڪار نٿا ڪري سگهون." بئرونيَس اهو تاثر ٿو ڏئي ته هو جيڪا ٽئڪس ڏئي ٿو ته اُنکي ڇڏ خيرات سمجهي ادا ٿو ڪري ۽ نه هڪ ڏيرتي جيڪا بهرحال ۽ لازمي طور ڪرڻي آهي. (ڪليسائي يادگيريون - 387ع) پر ائمبرور جي نيت ته نه، باقي سندس لفظن کي ٿوماسن نهايت ئي صاف نموني سان بيان ڪيو آهي. (نظر ۽ ضبط جا اصول - iii, i, 34, 268) .

109. " رِمني جي ڪائونسل جي هڪ بحث مباحثي ۾ ڪليسائن ۽ پادرين جي حقن بابت ويچاريو ويو جنهن ۾ اها تجويز پيش ڪئي وئي ته اُها زمين جيڪا ظاهري چرچ جي آهي ته ان کي حڪومت جي قبضي کي ختم سمجهڻ گهرجي ۽ اهو تڏهن ڪرڻ گهرجي جڏهن گوڙ شور ختم ٿي وڃن، پر پوءِ اسان ان تجويز جي مخالفت ڪئي." (ٿوڊوسين ڪوڊ - xvi, ii, 15) جيڪڏهن رِمني جي ڪائونسل اهو فيصلو ڪري ڇڏي ها ته اهڙي ڪارائتي ڏهانت شايد امڪاني تفرقن جو ازالو ڪري ڇڏي ها.

110. يوسيبيَس (ڪانسٽنٽائن - iv, 27) ۽ سوزومين (i, 9) کان اسان کي پڪَ ٿي وئي آهي ته پادرين جي انتظام کي ڪانسٽنٽائن طرفان وڏايو ۽ ويو هو ته ان جي تصديق به ٿي وئي هئي، پر مشهور فرمان سان هڪَ ڇُراند، جنهن کي ٿوڊوسيَن ڪوڊ ۾ ڪڏهن به ايمانداريءَ سان داخل نه ڪيو ويو هو. (ڏسو آخر ۾ vi, 303) گاڊفراءِ ان کي اطمينان بخش نموني پڌرو ڪيو آهي. اها ڳالهه حيرت جوڳي آهي ته ايڊورڊ - ڊي مانٽسڪيو، جيڪو وڪيل سان گڏ هڪ فيلسوف به هيو، ڪانسٽنٽائن جي هن فرمان جو، ثبوت ڪانسواءِ اعلان ڪري ٿو ۽ جنهن ۾ ڪنهن شڪَ جو اظهار به نٿو ڪري.

111. ڪليسائي انتظام جو موضوع جذبن، تعصبن ۽ دلچسپين جي ڏُنڊ ۾ وکوڙجي ڪجهه اُٿچٽو ٿي پيو آهي. به اعتبار جي قابل ڪتاب جيڪي منهنجن هٿن تائين پهتا آهن اُهي هي آهن: "ڪُليسا جي قانون جا ادارا" جيڪو ابي ڊي فلري لکيو آهي ۽ ٻيو "نئپلس جي شهري تاريخ" جنهن جو مصنف گيانن آهي. سندن اعتدال پسندي حالتن ۽ اُنهن جي طبيعتن تي مدار رکي ٿي. فلري هڪ فرانسيسي عيسائي هو جيڪو اسيمبلين ۽ پارليامينٽ جي اختيارن جي عزت ڪندو هو جڏهن ته گيانن اٿلي جو قانوندان هو جيڪو وري ڪليسا جي اختيارن کان خوفزده هوندو هو. هتي مونکي هڪ مشاهدي ڪندڙ جي حيثيت ۾ چوڻ ڏيو ۽ منهنجي سوچ ڪن خاص ۽ اٽپورين حقيقتن جو نتيجو آهي ته يا ته آءُ

پڙهندڙن کي اُنهن جديد مصنفن جي حوالي ڪريان جن موضوع سان ڪليل ۽ صاف صاف نموني سان انصاف ڪيو آهي يا وري هنن حاشين کي ايترو ته وڌائي، مبالغو ڪري ۽ ضرورت کان زياده سائيز جو ڪري ڇڏيان جو ۾نهن اُهي قبول ڪرڻ جهڙا به نه رهن.

112. ٽِليمانٽ، ڪانسٽئنٽائن جي هولي ۽ جذبا، روفينس ۽ ٽيوڊريٽ وغيره کان گڏ ڪيا آهن. (ڪليسائي يادگيريون - (iii, 749, 750)

* (سينٽ آگسٽائن)

113. ڏسو ٽوڊوسين ڪوڊ - (ix, xIv, 4) فراپائولو جي لفظن ۾ (iv, 192 وغيره) پاڪ جاين جڳهن جي تعداد، اصليت، دعوائن ۽ غلط استعمال بابت هڪ زبردست گفتگو يا ڳالهه هولهه محفوظ ٿيل آهي. سندس مشاهدو نهايت ئي مناسب ٿو لڳي ته قديم يونان ۾ پندرهن کان ويهن تائين عبادت جون جايون هيون - هڪ اهڙو تعداد جيڪو موجوده دؤر ۾ اٽلي جي هڪ شهر جي ديوارن جي حدن اندر ملندو.

114. پجتاء ۽ ڪناري ادا ڪرڻ جو قانون، ڪليسائي قانون جي ڪائونسلن ذريعي وقت گذرڻ سان گڏ آهستي آهستي بهتر ٿيندو رهيو. پر پوءِ به ڪيترائي ڪيس بشپن جي مرضي ۽ اختيارن تي ڇڏيا ويا هيا، روم جي مٽجسٽريٽ جي مثال کانپوءِ، اُهي نظر ۽ ضبط جي اُنهن قانونن کي اڪثر نه پر ڪڏهن ڪڏهن ئي ڇپرائيندا هيا، جن تي ڪين به عمل ڪرڻو هوندو هيو. چوٿين صدي عيسوي جي ڪليسائي قانونن جي دستاويزن منجهان، عظيم بابِل جا قانون معتبر ليکيا ويندا هيا. اهي بيورج جي مڪمل قانوني ضابطن ۾ درج ڪيا ويا آهن: (ii, 47-151) ڪليسائي قانونن تورِي يونان جي ڪليسا جي ڪائونسل جي فيصلن جو هڪ اهڙو مجموعو جنهن کي ولَ بيورج - سينٽ آصف جي بشپ (آڪسفورڊ - 1672ع) ايڊٽ ڪيو آهي ۽ چاردن ان جو ترجمو ڪيو آهي. (عيسائي رسمن رواجن جي تاريخ - 277 - 219 ,iv)

115. بابِل (تحريرون - xIviii ۽ بٹرونيَس ۾ (ڪليسائي واقعا - 370ع نمبر 91) جيڪو واضح ٿو ڪري ته هن اهو ڇاڻي ٻجهي بيان ڪيو هو ته پلي ته گورنرن کي به خبر پوي ته اُهي پڻ شهر يا ملڪ نيڪالي جي فيصلن يا فتوائن کان آجا يا مٽاهان نه هيا. سندس خيال ۾، شهنشاهَ به وٽيڪن جي گجگوڙن يعني مقدس وڏن پادرين جي فيصلن کان محفوظ نه هيا ۽ ڪارڊنل، گال جي ڪليسا جي مقابلي ۾ وڏيڪ مانائتي معتبر ۽ مدلل لڳي رهيو هو.

116. سندس ابن ڏاڏن جو هڪ ڊگهو سلسلو هيو ۽ مٽاهون به ايترو جيترو يورسٽينس هيو جيڪو اسپارٽا جو پهريون ڊورِڪ (يونان جو خطو) بادشاهه هيو ۽ هرڪيولس جي پيڙهيءَ ۾ پنجون نمبر هو. سندس نالو سائرين جي قومي رجسٽرن ۾ درج ڪيو ويو هو جيڪا ٽسيڊيمونيا جي هڪ ڪالوني هئي. (سنيسيَس تحريرون - 197 ,Ivii جن کي پيٽاف ايڊٽ ڪيو.)

117. سينسيَس (ڊي، ريگنو - ص - 2) سائرين جي انتهائي بگڙيل، تباهه ٿيل ۽ ڏکوئيندڙ حالت تي سخت افسوس جو اظهار ٿو ڪري. "هڪ يوناني شهر، قديم ۽ وڏي شهرت وارو ۽ جنهن جي عزت ۽ وقار ۾ هر دؤر ۾ اضافو ٿيندو رهيو هو ۽ جنهن ۾ ڏاهاءِ معتبر ماڻهو رهندا هيا، پر هاڻي اُهوئي شهر مفلس ۽ آڻپٽو آهي ۽ جهڙوڪر تباهيءَ جو وڏو ڊير پيو لڳي." پٽوليميس، هڪ نئون شهر جيڪو سائرين، کان 82 ميل اولهندي طرف هيو، کي هڪ شهر جا اعزاز

مليا ۽ کيس مٿين لبيا جو وڏو شهر ڪوئيو ويو. پر بعد ۾ اهي اعزاز سوزوسا شهر کي ڏنا ويا. (ڏسو ويسلنگ جي فهرست - صفحا - 67, 68, 732) سلئرَيس (جاگرافي - ii, ii, 72, 74) ڪٽرولس اسٽوپائلو - جاگرافي (سئڪرا - ص - 273) ڊي آئنول (قديم جاگرافي - iii, 43, 44) نقش ونگار جي اڪيڈمي (يادگيريون - xii, 499-554)).

118. سنيسيَس اڳ ۾ پنهنجيُن ئي نااهليتن جو ذڪر پاڻ ڪيو هو. (تحريرون - سي وي - 50-246) هنکي لادييني تعليم ۽ لادييني راندين ۽ مشغلن سان وڌيڪ چاهه هو. هو ڪنواري رهڻ واري زندگيءَ جي حق ۾ نه هو تنهنڪري اهڙي جيوَن جي حمايت به نه ڪندو هو: هنکي موت ڪانپوءِ واري زندگي يا ٻيهر هن دنيا ۾ اچڻ تي به يقين ڪونه هو ۽ ساڳي وقت قصن، ٽوٽڪن ۽ پيشنگوين جو به پرچار نه ڪندو هو. اها ٻي ڳالهه آهي ته هو پنهنجي گهر ۾ ويهي فلسفي جون ڳالهيون ڪندو هو. ٽيوفيليَس، مصر جو وڏو پادري جيڪو سندس ذهانت کي مڃيندو هو، هڪ خاص ۽ تمام اهر سمجهوتي کي قبول ڪري ڇڏيو. ڏسوسنيسيَس جي زندگي - (ٽليمانٽ - ڪليسائي يادگيريون - xii, 191-201) ائندرونيڪَس جي ترقي غيرقانوني هئي ڇو ته هو ساڳئي صوبي ۾ بيرينس جو رهاڪو هيو. اذيتن جي هٿيارن ۽ حربن کي سنجيدگيءَ سان بيان ڪيو ويو آهي. اذيتن جي هٿيارن جو ڏاڍ اهڙو هوندو هو جنهن سان آگريون سُڄي ويندين هيون ۽ ملزم جا پير، نَڪ، ڪَنَ ۽ چپَ به زخمي ٿي پوندا هيا.

120. شهر يا ملڪ نيڪالي جو فيصلو جذباتي انداز ۾ ڪيو ويو هو. (سنيسيَس - تحريرون - Iviii, 201-203) سڀني خاندانن کي شامل ڪرڻ جو طريقو، توڙي جو ايترو مناسب نه هيو، پر انکي قومي منع نامي تائين بهتر بنايو ويو هو.

* (سِسلي ۾ انگريجينٽر جو آمر)

+ (اسيريا جو بادشاهه - 681 - 704 ق - م)

121. ڏسو سنيسيَس (تحريرون - 187 - xlvii, 186 ، تحريرون - 219،218 Ixxii, ، تحريرون - 231،231 Ixxxix,)

122. ڏسو ٽوماسين (نظر ۽ ضبط جا اصول - 1761-1770 ii, iii, 83,) ۽ ٻنگهم (قديمي تحريرون - 688 ,xiv ,4 ,i-717) تبليغ يا تقرير ڪرڻ کي بشپ جي اهر ڏيوٽي ۽ ذميواري سمجهي ويندي هئي، پر ڪڏهن ڪڏهن هي ڪر نائب پادرين کي به سؤنپيو ويندو هو. جيئن ڪرسوسٽر ۽ آگسٽائين هيا.

123. راٽي ايلزبيٿ اهو فقرو چيو هو ۽ ان فنَ جي عمل کي ڏهرائيندي رهندي هئي خاص طور تڏهن جڏهن ڪيس پنهنجي حڪومت ۾ تمام اهر ڪر ڪرڻو هوندو هو ۽ ماڻهن جي دماغي لاڙن کي پنهنجي حق ۾ ڪرڻو هوندو هو سندس ان راڳڻيءَ جي آلاپن جا منفي اثر سندس جانشين سمجهي ورتا هيا ۽ سندس پٽ به اهڙن اثرن کي محسوس ڪيو هو. "جڏهن ٻمبر، ڊرم، ڪليسائيٽ،" وغيره. ڏسو هيلن جي (وڏي پادري لاڏ جي زندگي - ص - 153)

* (نازيانزين جو سينٽ گريگري - 389 - 330ع)

+ (سينٽ جان ڪرسوسٽر - "سونو - وات" 407 - 347ع)

124. هنن حيادار تقرير ڪندڙن مڃيو هو ته، جيئن ته وٽن معجزن جي ڏات ڪانه هئي، ته اُنهن ڪوشش ڪئي ته وٽن تقرير جو فن ته هجي.

125. نائيسيا جي ڪائونسل کي بنيادي قانون ڳوڻائين ۽ شهري ڪائونسلن ۽ بشپن جي باري ۾ چوٿين، پنجين، ڇهين ۽ ستين صدي عيسوي ۾ ڌاهيا هيا. نائيسيا جي ڪليسائي قانونن کي بعد ۾ تڪليف ۾ رڌو ويو. اُنهن جي غلط تشريح ۽ سندن غلط استعمال ڪيو ويو. ڪاغذي هيراڪيريءَ ذريعي اُنهن کي بدلايو ويو ۽ شڪل بگاڙي وئي ۽ پادري پنهنجي ذاتي پسند ۽ ناپسند مطابق اُنهن ۾ تبديليون آنديون. ڀهراڙين جون ڪليسائون جيڪي روفينس، روم جي بشپ جي حوالي ڪيون هيون، سي ڏاڍي ناراضگي ۽ اختلافن جو سبب بنجي ويون آهن. ڏسو سرمانڊ (اوپيرا - 1-238 ,iv).

126. اسان وٽ فقط ٽيٽيهَ يا ستيتاليهه پادرين جو تفصيل موجود آهي، پر ائڊوم هڪ ننڍو ليکڪ جو سوڌ بشپن جو ڳاڻاٽو ته ڪري جيڪي آرلس جي ڪائونسل ۾ موجود هيا. ٽليمانٽ (ڪليسائي يادگيريون - 422 ,vi).

127. ڏسو ٽليمانٽ (915 ,vi) ۽ بيو سوبر - (i,529) بشپ جو نالو، جيڪو يوٽئچيس 2048 ڪليسائي عقيدتمندن کي ڏنو هو (تاريخوار واقعا - 440 ,i پوڪوڪ) بنياد پرستن يا پادرين جي ڪليسائي رسمن جي حدن کان اڳتي ٻ گهٽو اڳتي هو.

128. ڏسو يوسيبيس (ڪانسٽنٽائن ۾ - 21 - 6، iii) ٽليمانٽ (ڪليسائي يادگيريون - 759 - 669 ,vi).

* شهنشاهه ٽئسيئس - 276 - 275ع).

129. " تنهنڪري اسان اُنهن فرمانن کي قانون جي طاقت عطا ڪيون ٿا جن کي چئن پاڪ ڪائونسلن ڌاهيو ٻ آهي ته ان جي تصديق پڻ ڪئي آهي. ٻيو ته اسان متي بيان ٿيل ڪائونسلن جي اصولن کي مقدس ڪتابن ۽ اُنهن جي فيصلن کي قانون جيترو درجو ڏيون ٿا. " جسٽينين (نوويل - سي - XXXI) بيورج (قانون جو ڪتاب ديباچو - ص - 2) اسانکي ٻڌائي ٿو ته شهنشاهَ ڪليسائي معاملن ۾ نوان قانون هرگز نه ڌاهيندا هيا ۽ گيانن، ڪجهه مختلف طريقي ۽ نوعيت سان ٻڌائي ٿو ته اُنهن ڪائونسلن جي ڌاهيل ڪليسائي قانون کي مڪمل قانوني تحفظ ڏئي ڇڏيو هو. اِسٽوريا (شهري معاملا ۽ قانون - 136 ,i)

130. ڏسو هڪ مضمون جنهن جو عنوان آهي "ڪنسائيل" جيڪو انسائڪلوپيديا (679-668 ,iii) ۾ ڇپيل آهي ۽ جنهن کي ليوڪس جي ايڊيشن ۾ ڇاڻايو ويو آهي. مصنف ايبر - ڊي ڊاڪٽر بوڪاد، گال جي چرچ جي اصولن مطابق اهم سوالن کي بحث هيٺ آندو آهي جن جو تعلق، عام، قومي ۽ صوبائي ڪائونسلن جي نوعيت ۽ اُنهن جي آئين جي باري ۾ لاڳاپيل معاملن سان آهي. ايڊيٽرن (ڏسو مهاڳ - ص - xvi) وٽ، هن مضمون جي اهميت تي بجا طور فخر ڪرڻ جا پڪا پختا دليل آهن. جيڪي ماڻهو پنهنجا ذخيرہ ڪتاب لکي وري ٻيهر اُنهن تي نظر ثاني ڪن ٿا، ته اُهي ئي هر حال ۾ سُرخرو، سرفراز ۽ مطمئن ٿين ٿا.

باب - ايڪيهون

لامذهبن کي ايذاءَ ۽ تڪليفون - عيسائي فرقن ۾ مذهبي قوتَ - آرياني اختلاف - اٿنيسيس - ڪانسٽنٽائن ۽ سندس پُٽن جي دؤر ۾ ڪليسا توڙي شهنشاهت جي ويڳاڻي حالت - لامذهبيت کي برداشت ڪرڻ.

مذهبي ماڻهن جي احسانمنديءَ واري احساس ان شهنشاهه جي ياد کي مقدس بنائي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي جنهن سندن جذبن جي قدرداني ۽ سندن دلچسپين ۽ ارادن جي پوريءَ طرح پٽيرائي ڪئي. ڪانسٽنٽائن کين هر خطري کان محفوظ رکيو. سندن دولت، اعزازن، ۽ انتقام جي جذبن جي به حفاظت ڪئي ۽ مذهبي بنياد پرستن جي حمايت کي، شهري مُجسٽريٽ طرفان نهايت ئي اهر ۽ مقدس ڊيوٽي سمجهيو ٿي ويو. مِلن جي فرمان، جنهن ۾ سهپَ ۽ برداشت جا قدر لائق نقطا سمايل هيا، رومي دنيا جي سيني ماڻهن تي هڪ ڳالهه صاف لفظن ۾ واضح ڪري ڇڏي هئي ته هاڻي هر شهري پنهنجي مرضيءَ مطابق پنهنجي مذهب اختيار ڪرڻ ۾ پوريءَ طرح آزاد هو. پر هن لاجواب حقَ کي به جلد پائمال ڪيو ويو ۽ جيئن جيئن سچُ ماڻهن جي سامهون ايندو ويو ته خبر پئي ته شهنشاهه اڳيتن جي اصولن کي لاڳو ڪري ڇڏيو ۽ اُهي فرقا جيڪي ڪٿولڪ ڪليسا سان اختلاف رکندڙ هيا، اُنهن جي ماڻهن کي عذابن ۽ تڪليفن ۾ مبتلا ڪيو ويو ۽ جيئن جيئن عيسائيت جو عروج ايندو ويو ته غير عيسائين جون تڪليفون به اوترينون ئي وڌنديون رهيون. ڪانسٽنٽائن کي يقين هو ته لادين ماڻهو جيڪي سندس راءِ سان اختلاف رکندا هيا يا سندس حڪمن جي نافرماني ڪندا هيا، اُهي هَڻَ ۽ هوڏَ تي قائم رهڻ جي نفرت لائق ڏوهَ جا ڏوهاري هيا، تنهنڪري کيهه نرميءَ واريون ۽ برداشت ڪرڻ جهڙيون سختيون، اهڙن بدقسمت ماڻهن کي هميشه واسطي ڏڪارڻ جي خطري کان شايد بچائي ڇڏين. وزيرن ۽ اُستادن کي بنادير اُنهن انعامن ۽ خصوصي رعايتن ۾ حصيدار ٿيڻ کان روڪيو ويو هو جيڪي شهنشاهه طرفان ڪٽر مذهبي ماڻهن کي فراخدليءَ منجهان آڇيون ويون هيون ۽ هنهي طبقن جا اجتماع اڳ ۾ ئي الڳ ڪيا ويا هيا. پر جيئن ته ان ڳالهه جو امڪان هو ته فرقي پرست ماڻهو شاهي ذلتن جي ڪرن هيٺ ڳجهه ڳجهاندر ۾ رهي پئي سگهيا ته اوير ۾ سوپ حاصل ڪرڻ کانپوءِ فورن کين تباهه ڪرڻ جو فرمان جاري ڪيو ويو.[1] ان جي مُنڊ ۾ ئي سخت جذباتيت ۽ نفرت جو اظهار ڪيو ويو هو جنهن کانپوءِ ڪانسٽنٽائن لادينن جي ميڙن ۽ گڏجاڻين تي سخت پابنديون لڳائي ٿو ڇڏي ۽ سندن مالَ ملڪيتن کي ضبط ڪري اُنهن جي آمدني، قومي ناڻي يا ڪٿولڪ ڪليسا ۾ جمع ڪرائي ٿو ڇڏي. اُهي مذهبي فرقا، جن جي خلاف شاهي سختيون عمل ۾ آنديون ويون هيون، گهٽو ڪري هِنن سان تعلق رکندڙ هيا: سئموسَٽا جو پال، فِرجيا جا مانٽنسٽ، جن پاڻکي پيشنگوين جا جذباتي جانشين ۽ رکوالا هٿ جي دعويٰ ڪئي هئي، نووٽيَنس جن گناهن تي پڇتاءَ جي عارضي حڪمت عمليءَ کي سختيءَ سان رد ڪيو هو، مارسيونائيٽس ۽ وئلينٽينيَنس * جن جي نامياري جهنڊن هيٺان ايشيا ۽ مصر جي بيشمار دليل بازن جا ٽولا غير محسوس ٿيندڙ طريقي سان جمع ٿي ويا هيا ۽ شايد مئنڪينس پڻ اُنهن ۾ شامل هيا جن تازو فارس منجهان مشرقي ۽ عيسائي دينن جي باري ۾ گڏيل معلومات وڏي هوشياريءَ مان هٿ ڪئي هئي.[2] نالي کي ختم ڪرڻ جي تجويز يا

گهٽ ۾ گهٽ هِنن نفرت لائق مذهب جي منڪرن جي واڌاري کي روڪڻ جا اُپاءَ زوردار ۽ اثرائتي طريقي سان ورتا ويا. سزائن متعلق ڪجهه قانون، ڊائڪليشين جي فرمانن منجهان نقل ڪيا ويا ۽ تبديليءَ جي هن سرشتي کي ساڳين ئي بشپن ساراهيو جن کي اڳ ان ۾ اذيتن جو خطرو محسوس ٿيو هو ۽ جن انسانيت جي حقن لاءِ آواز اُٺارو هو. ٻ غير اهر ‡ حالتون شايد ان ڳالهه جي ثابتي ڏين ته ڪانسٽنٽائن جو ذهن هروپرو مذهبي جوش يا ڪٽرپڻي جي تعصبن سان بگڙيل نه هيو. مئنيڪيَنس ۽ اُنهن جي لاڳاپيل فرقن کي نِندڻ ۽ رد ڪرڻ کان اڳ هن سندن مذهبي اصولن ۽ مَتن جي پوريءَ طرح چنڊَ چاڙ ڪئي هئي. ايئن ٿي لڳو ته ڪين پنهنجن ڪليسائي ڪائونسلرن تي پوريءَ طرح پروسو ڪونه هيو، تنهنڪري هي نازڪ معاملو هن شهري مئجسٽريٽ جي حوالي ڪري ڇڏيو جنهن جي علم ۽ اعتدال پسنديءَ تي ڪيس پورو يقين هيو جنهن جو هو قدردان به هيو. پر بدقسمتيءَ سان سندن رشوت خوري ۽ پٺسن تي وڪامڻ واري ڪردار کان هو اڃا تائين نا آشنا هو.[3] شهنشاهه جلد ئي تسليم ڪيو ته هن ڪٽر مذهبي ماڻهن کي موت جي لسٽ ۾ شامل ڪرڻ ۾ اُپهرائيءَ کان ڪم ورتو هو ۽ نوويٽيَنس جا اخلاقي قدر ته مثالي هيا جن ڪليسا جي نظم ۽ ضبط جي اُنهن اصولن کان اختلاف ڪيو هو جيڪي شايد چوڪاري يا نجات لاءِ ايترا ضروري نه هيا. تنهنڪري، ڇڻ پنهنجي اُپهرائيءَ جو ازالو ڪندي، هن هڪ خاص فرمان جاري ڪيو جنهن ذريعي، اڳ سزائون ٻڌايلن کي قانون جي چنبي کان آزاد ڪيو ويو.[4] کين قسطنطنيه ۾ هڪ ڪليسا کي تعمير ڪرڻ جي به اجازت ڏني وئي، اُنهن جي بزرگن ۽ درويشن جي معجزن جو احترام ڪيو ويو، سندن بِشپ اَٿيسَس کي ناسيا جي ڪائونسل ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني وئي ۽ مهذب طريقي سان سندس فرقي جي تنگ نظري جي عقيدن کي مانوس چرچن پوڳن ذريعي نرم طنز جو نشانو بنايو ويو ۽ پوڳ چرچي جا اهڙا فقرا شهنشاهه جي واتان جڏهن نڪري رهيا هيا ته فطري طور تي اُنهن تي ماڻهن طرفان ڪيس خوب داد ٿي مليو ۽ تاڙيون وڄايون ٿي ويون.[5]

ڪانسٽنٽائن جي شهنشاهت خلاف بيشمار شڪايتن ۽ الزامن جا انبار جمع ٿي ويا، ۽ جيئن ئي مئڪسينٽيَس جي موت سبب، آفريڪا به سندس فاتح فوجن جي قبضي هيٺ اچي ويو هو ته اُنهن شڪايتن جي روشنيءَ ۾ هڪ اڏوري مذهب مٽائيندڙ جي شان مان کي هروپرو ايترو مٿيرو به نٿو ڪري سگهجي. ڪيس اهو معلوم ڪري حيرت ٿي ته ان وڏي ملڪ جا صوبا جيڪي سائرين جي حدن کان هرڪيولس جي ٿنيَن تائين هيا، مذهبي ڦوٽ ۽ افراتفريءَ جي نذر ٿي چڪا هيا.[6] اختلافن جو ڪارڻ، ڪارٿيج جي ڪليسا ۾ ٽيل ٻِٽي چُونڊ هئي جيڪا مرتبي تورِّي مالي لحاظ کان مغرب جي ڪليسائي مان شان ۾ ٻي نمبر تي هئي. سيسيليَن ۽ ميجورينس آفريڪا جا به وڏا پادري هيا جيڪي هڪ ٻئي جا سخت مخالف هيا ۽ پوئين جي موت سبب ڊونيٽَس لاءِ جڳهه خالي ٿي وئي جيڪو زبردست ذهانت، لياقتن ۽ پنهنجين خوبين سبب پنهنجي پارٽيءَ جو بيحد طاقتور نمائندو هيو. سيسيليَن، جنهنکي، هونئن پهرئين وڏي پادريءَ جي نسبت سان فائدو پهچي ها، سندس غير قانوني عمل، ناروا سلوڪ ۽ اُپهرائپ سبب ضايع ڪيو ويو ۽ هو پنهنجي پادريت جي تقريب ملهائڻ جي سلسلي ۾ نيو ميديا جي وڏي بِشپ جي آمد تائين به انتظار نه ڪري سگهيو. هِنن بشپن، جن جو تعداد لڳ ڀڳ ستر هو، پنهنجن اختيارن کي استعمال ڪندي سيسيليَن جي سخت مذمت ڪئي ۽ ميجورينس کي مقدس بنايو ويو پر سندن ساڪ، ڪجهه بِشپن جي ذاتي بدناميءَ جي ڪردار سبب،

بيحد ڪمزور ٿي وئي جنهن ۾ عورتن جون سازشون پڻ شامل هيون ۽ مذهبي بيحرمتيءَ جا ڏنڊا پڻ ڪيا ويا هيا جنهن سبب نيو ميڊيا جي ڪائونسل جو اجلاس پڻ مڃي ماريڪٽ بڻجي ويو جنهن جي ناڪاميءَ جي تُهمت پڻ ان اجلاس تي مڙهي وئي.[7] مخالف ڌرين جي بشپن هڪ جيتري گرمجوشي ۽ ضِدّ مان هي ڏُر تي ذِلت ۽ بيعزتي جو الزام ٿي مڙهيو جنهن ۾ هر ڏُر پنهنجي مخالف ڏُر تي نفرت جوڳي اها تهمت ٿي لڳائي ته شهنشاهه ڊائيڪلشين جي آفيسرن کي پاڪ ڪتاب اُنهن ئي پهچايا هيا. هڪ ٻئي تي لڳايل سندن الزامن توڙي ان بدنما ۽ ڪَڏائپ واري ڏنڊي منجهان، اها ڳالهه آسانيءَ سان ۽ جائز طرح سمجهي سگهجي ٿي ته آفريڪي عيسائين جي بعد وارين اذيتن سندن جوش ۾ تيزيءَ جو زهر ته ملائي ڇڏيو هو ۽ سندن طور طريقن ۽ اخلاق عادتن ۾ به ڪين مهذب نه بنائي سگهيو هو. اهڙي ڪليسا جيڪا ان حد تائين پاڻ ۾ ورهايل ۽ تضاد ۾ هئي ته ان منجهان غير جانبداري واري آزاد انصاف جي اُميد رکڻ اجائي هئي؛ تنهنڪري ان تضاد واري فتني کي پنج دفعا ٽربيونل ۾ موڪليو ويو ته ڪنهن به طرح سان اهو حل ٿي سگهي. ٽربيونل جي ججن کي شهنشاهه پاڻ مقرر ڪيو هو ۽ اها سڄي ڪارروائي، پهرين اپيل ڪانوئي آخري فيصلي تائين، پورن ٽن سالن تائين هلي هئي. هڪ سختيءَ واري جاچ، جيڪا شاهي محافظن جي پادري ۽ آفريڪا جي مئجسٽريٽ طرفان ڪرائي وئي، ۽ ٻن ڪليسائي سياحن جي رپورٽ ڪارٿيج موڪلي وئي هئي ۽ روم توڙي آرلس جي ڪائونسل جا فيصلا توڙي خود ڪانسٽنٽائن جو پنهنجو مٿاهون فيصلو جيڪو هن پنهنجي چئمبر ۾ ويهي ڏنو. سڀني يڪراءِ ٿي سيسيلين جي حمايت ڪئي تنهنڪري سڀني جي گڏيل راءِ موجب توڙي شهري ۽ ڪليسائي حمايت سبب ڪيس آفريڪا جو جائز قانوني ۽ سچو حڪمران ۽ بادشاهه تسليم ڪيو ويو. ڪليسا جا اعزاز ۽ ملڪيتون نندن بشپن سان منسوب ڪيل هيون ۽ ڪانسٽنٽائن لاءِ ڊونٽسٽ فرقي جي ليڊرن کي ملڪ نيڪاليءَ جون سزائون ڏيڻ آسان ڪم نه هو ۽ ان سلسلي ۾ ڪيس اطمينان ٿيڻ تائين ڪافي مشڪلون پيش آيون. جيئن ته سندن مقصد جي چنڊ چاڻ وڏي غور ۽ توجه سان ڪئي وئي ته ان ۾ پوري انصاف کان ڪم ورتو ويو. شايد سندن شڪايت ٻي بنياد ڪا نه هئي ته شهنشاهه جي سادگيءَ مان سندس ئي من پسند شخص اوسيس فريبي ڪرتبن ذريعي ناجائز فائدو ورتو هو. ڪوڙ، فريب ۽ فطري بگاڙ سبب يا ته معصومن کي نندیو ويندو آهي يا وري ڏوهين جي سزا کي وڌيڪ وڌايو ويندو آهي. اهڙو ڪم جيڪو نا انصافيءَ تي مبني هجي ۽ جنهن جي نتيجي ۾ هڪ جهگڙي کي منت ميڙ ڪري ختم ڪيو ويو هجي ته ان کي آمريت واري انتظام جي هڪ عارضي بچڙائي ڪوٺي سگهجي ٿو جنهن کي ايندڙ نسل نه ته محسوس ڪري سگهي ٿو ۽ نه انکي ياد رکي سگهي ٿو.

هي حادثو جيڪو ايترو اهم نه هو جو تاريخ ۾ محفوظ ڪري سگهجي پر انجي نتيجي ۾ جيڪا تفرقي بازي ۽ ڦوٽ پيدا ٿي ۽ جنهن آفريڪا جي صوبن ۾ ٽن سؤ سالن تائين نفرت جي باهه ٻاري ڇڏي ته انکي وري به عيسائيت ٿي وِسائي سگهي هئي. آزادي ۽ جنونيت جي غير لچڪ جذبي، ڊونٽسٽن کي غاصبن جي تابعداري ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ جي تقويت ڏني جن جي الیکشن کان کين اختلاف هو ۽ جن جي روحاني طاقت جا هو صاف انڪاري هيا. جيئن ته هو انسانذات جي شهري توڙي مذهبي پائيچاري کان ٻاهر ڪيا ويا هيا ته انجي جواب ۾ هنن سڄي انسانذات کي پنهنجي برادريءَ مان ملڪ نيڪالي ڏئي ڇڏي ۽ پاڻ سيسيلين ۽ ٽرنڊيٽرن جي غير معتبر جماعت ۾ شامل ٿي ويا

جنهن کان هنن مصنوعي پادريت حاصل ڪري ورتي. هنن وڏي اعتماد بلڪ ڪيڏن ۾ نہ ماپيندڙ خوشيءَ مان دعويٰ ڪئي تہ حوارين جي جانشيني تورڙي ان سلسلي ۾ هڪ رڪاوٽ اچي وئي هئي. ۽ سڄي يورپ ۽ ايشيا جا پادري خطائن ۽ فرقي بندي جي وبا ۾ بيمار ٿي وڃي ويا هيا ۽ ڪٿولڪ ڪليسا جا حقّ ۽ انجو رُوح جيڪڏهن ڪٿي باقي وڃي بچيو هيو تہ اُهو فقط ڪن تورڙن آفريڪا جي عقيدتمندن وٽ هيو ۽ فقط اُهي ئي هيا جيڪي نِجَ ۽ اصل عيسائيت جي عقيدي ۽ نظر ۽ ضبط جا والي ۽ وارث هيا. هن سخت اصول جي حمايت ۾ اوتري ئي سخت ۽ مخالفت واري رَوَيي سان ڪئي وئي. جڏهن ۽ ڪين ڪنهن نئين مذهب ۾ شامل ٿيندڙ جي ضرورت اوپر جي پرانهَن پنڌن ۽ علاقن مان پوندي هئي تہ اُهي پاڪ غسل[8] ۽ عيسائيت جي ٻين رسمن کي ٻيهر ڏهرائيندا هيا ڇو تہ جيڪڏهن ساڳيون رسمون تفرقي بازن ۽ مذهب ۾ ڦوٽ وجهندڙن طرفان تورڙي اڳ ادا ڪيون ۽ ويون هيون تہ اُنهن جي سچائي ۽ پاڪائيءَ کي هو نہ مڃيندا هيا. حد اها هئي جو پادري، ڪنواريون ڇوڪريون تورڙي معصوم ٻارڙا ۽ ماڻهن جي اڳيان پڇتاوَ جي رسم ادا ڪرڻ جي بيعزتي برداشت ڪندا هيا ۽ پوءِ ئي وڃي ڊونيٽسٽن جي مذهبي برادريءَ ۾ شامل ٿيندا هيا، جيڪڏهن ڪين اهڙي ڪليسا جو قبضو مليو هو جيڪا ڪٿولڪ عيسائين جي مخالفن جي استعمال ۾ رهي هئي تہ ان ناپاڪ عمارت کي بلڪل اهڙيءَ طرح ۽ ان انداز سان پاڪ ڪيو ويندو هو جيئَن ڪنهن مندر کي بُتن کان پاڪ ڪيو ويندو آهي. عمارت جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۽ گهمڻ جي رستن ۽ گهٽين کي ڏوتو ويندو هو. ديوارن کي رڱڙي صاف ڪيو ويندو هو. قربانگاهن ۾ لوبان ٻاريو ويندو هو جيڪو گهٽو ڪري ڪاڪ جو هوندو هو. مقدس ٽيل ڏاتن ۽ پليٽن کي پگهاري اُنهن منجهان ٻيهر پليٽو ن ناهي ۽ ان ۾ پاڪ ماني ۽ شراب وڃهي ڪتن جي ڪائڻ لاءِ اڇلايو ويندو هو ۽ اهو ڪر نهايت ئي ذلت آميز ڪرتبن سان ڪيو ويندو هو تہ جيئَن ٻين مذهبي فرقن جا ماڻهو بچان ڪائي ڇڏن تہ جيئَن دشمني وڏي ۽ فتنو شروع ٿئي.[9] هڪ ٻئي سان نہ نهڪندڙ ۽ ميلاپ نہ ڪائيندڙ نفرتن ۽ ڏورين جي باوجود آفريڪا جي سڀني شهرن ۾ ٻئي ڏريون جيڪي گڏيل هوندي ۾ هڪ ٻئي کان ڪوهين پري هيون. سنڊن زبان ۽ طور طريقا ساڳيا هيا، سنڊن جوش جذبا ۽ ڇاڻ ساڳي هئي، مذهب، عقيدو تورڙي سنڊن عبادت ۾ ساڳي هئي، تورڙي جو شهنشاهت جي شهري ۽ ڪليسائي اختيارن ذريعي ڪين قانون جي.دائرن کان ٻاهر ڪڍيو ويو هو. پوءِ ۾ ڪيترن ئي صوبن ۾ ڊونيٽسٽن جي ۽ خاص طرح نيوميڊيا ۾ اڪثريت هئي، تنهنڪري ڇٽن سوَن ٻڇپن سنڊن وڏي ۾ وڏي پادريءَ جي انتظامي برتريءَ کي مڃي ورتو هو. پر سنڊن فرقي جو مات نہ ٽيندڙ جذبو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي طاقت جي خمار جو خود ئي شڪار ٿي ويندو هو ۽ سنڊن فرقي پرستي واري ڪليسا جو مَن اندروني انتشار سبب ٽڪرا ٽڪرا ٿي چڪو هو. ڊونٽسٽن جي ٻڇپن جو چوٽون حصو ڪانئُن ٽُٽي مڪسيميانسٽن فرقي جو علهدو وجود وڃي چڪو هو. جيڪو تنگ، سوڙهو ۽ اڪيلو رستو سنڊن پهريَن رهنمائن ورتو هو. اُهو انسانذات جي وڏي ۽ وسيع برادريءَ کان گهٽو هٽيل هو. حد اِها هئي جو روگاٽينس جهڙي اٽڇاتل ۽ ذري گهٽ اَڻ ٻُڌل فرقي ۾ ڪنهن روڪ رڪاوٽ ۽ شرمساري محسوس ڪرڻ بنا دعويٰ ٿي ڪئي تہ جڏهن حضرت عيسيٰ (ع‌س) انصاف ڪرڻ خاطر، آسمان تان لهي زمين تي ايندو تہ هو نِج ۽ سچو مذهب فقط سِرئرين ماريٽنيا جي تمام تورڙن ۽ ننڍڙن ڳوٺن ۾ اڇي ڳولينڊو جتي اُهو ايا تائين محفوظ رهيو آهي.[10]

ڊونٽسٽن جا مذهبي اختلاف فقط آفريڪا تائين محدود هيا، پر ٽن يا تثليث جي باري ۾ جيڪا اختلاف ۽ تضادن جي شرارت فسادين طرفان پکيڙي وئي هئي، اُها عيسائي دنيا جي هر ڪُنڊ ڪڙڇ تائين ڦهلجي وئي. پهريون هڪ اتفاقي جهڳڙو هيو جيڪو آزاديءَ جي غلط استعمال منجهان پيدا ٿيو هو. جڏهن ته پويون مٿاهون ۽ هڪ پُراسرار دليل هو جيڪو وري فلسفي جي غلط تعبير منجهان اُپريو هو. ڪانسٽنٽائن جي دؤر ۾ بربرن جون دنياوي دلچسپيون، آرين فرقي جي ديني جهڳڙن جهيڙن سان تمام گهٽيون وابسته ٿي چڪيون هيون. هڪ تاريخدان ڪي، انڪري وڏي عزت ۽ ادب منجهان پاڪ جاين تان پردو هٽائڻ جي اجازت ڏني وجي ته پلي اُهو آزاديءَ سان دليلن ۽ عقيدن، غلطين ۽ جذبن جي واڌاري ۽ روَش جي باري ۾، افلاطون جي فلسفي جي اسڪول ڪانوني روم جي شهنشاهت جي زوال ۽ خاتمي تائين، پنهنجا نتيجا پاڻ ڏيي.

افلاطون جي اُتر ذهانت، جيئَن سندس ئي سوچ ۽ فڪر منجهان اسانکي معلوم ٿيو آهي يا وري مصر[11] جي پادرين جي روايتي ڄاڻ منجهان انڪشاف ٿيو آهي، ازلي ۽ ابدي معبود جي پُراسرار فطرت جي حقيقت ڪي ڄاڻڻ ۽ پروڙڻ جي جرئت ڪئي آهي. جڏهن هو پنهنجي ذهن ڪي چوٽيءَ وارين بلندين تائين وڌي ويو ۽ "پهرين هستيءَ جي هئڻ" تي تمام ڳوڙهو ۽ مٿاهون غور ڪيائين ۽ ڪائنات جي ڪارٽيءَ تي ضرور ويچار وندياٿين، ته اٽينس جو مفڪر شايد اها ڳالهه نه سمجهي سگهيو ته سندس محدود روحانيت جو ايڪو هڪ ڇٽي ۽ لڳاتار خيالن جي لامحدود گهٽائيءَ کي پنهنجي اندر ڪيئَن سمائي سگهندو جنهن منجهان وسيع ۽ ذهين دنيا جو هڪ نمونو تيار ٿيو آهي؛ ۽ اُها هستي جنهن جو ظاهري وجود ڪونهي، ان مڪمل نموني کي ڪيئن ناهي سگهندو ۽ ڏٺيڙ ۽ انتشار جي فضول مجسمي کي لڇڪيدار هٿن سان ڪيئَن گهڙي ۽ جوڙي سگهندو. هنن مشڪلن ۽ مونجهارن منجهان آجي ٿيڻ جي اجائي اُميد جيڪا انسان جي ڪمزور ۽ نبل ذهن کي شايد تڪليف پهچائي ته اِها ڳالهه ممڪن آهي ته افلاطون کي قدرت جي فطرت کي سمجهڻ لاءِ ٻِطرفي سوچ ۽ ويچار ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو هجي: يعني پهريون سبب يا ڪارڻ، (دليل يا لوگوس - Logos - اسٽائڪن جو ربوبيت بابت فلسفو) ۽ ڪائنات جو روح يا جذبو. سندس شاعريءَ جهڙي تصور، مابعدالطبيعاتي رجحانن کي ڪڏهن هڪ نقطي تي روڪي ٿي ڇڏيو ته ڪڏهن وري انهن کي گرمائي متحرڪ بڻائي ٿي ڇڏيو. ٽي نِج ۽ اصلي اصول افلاطوني سرشتي مطابق ٽن خدائن جي نمائندگي ڪري رهيا هيا جيڪي هڪ ٻئي سان اسرار، رِمزيت ۽ پاڪن - پاڪ طريقي سان رڳو مليل جليل نه بلڪ "هِڪَ ۾ هِڪُ" هيا ۽ سبب يا دليل ته هڪ بهتر طريقي موجب پيءُ جو پنهنجي پُٽ جي لاءِ رشتو ائين هيو جيئن هڪ ڪائنات جي خالق جو دنيا جي گورنر يا هلائڻ واري سان هجي، اهي ٽي مخفي ۽ رازداريءَ وارا اصول هيا جن لاءِ اڪيڈمي جي باغيچن ۾ احتياط سان ۽ چپ چاپ ۾ "پُڻ پُڻ" ڪئي وئي هئي جنهن لاءِ افلاطون جي هاٿوڪن پوئلڳن مطابق، انهي "ڳجهه ڳجهاندر ڳالهڙيءَ" کي ڪو به پرجهي ۽ پروڙي نه سگهيو هو ۽ لاکيٽي لطيف چواڻي ته: "سا پَرِ پروڙڻ ڏاڪڙ"، سو پورن ٽيهن سالن جي وڏي محنت ۽ جاکوڙ ڪانپوءِ وجي منجهيل سُٽَ جو مامرو ڪجهه سنوَٽ تي آيو.[12]

مُسيڊونيا جي فوجين يونان جي زبان، علم ۽ ڄاڻ کي ايشيا ۽ مصر جي ڏورانهن ڏيهَن ڏانهن پکيڙي ۽ پهچائي ڇڏيو ۽ افلاطون جي مذهبي سرشتي کي، تورين گهٽين ترميمن سان اليگزنڊريا جي مشهور اسڪولن ۾

باقاعدگيءَ سان پڙهايو ويندو هو.[13] پٽوليمين جي مهربانين سان، يهودين جي بيشمار کالونين کي نئين گاديءَ جي هنڌ ۾ [14] پنهنجي رهائش اختيار ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي. جڏهن ته روم جي اڪثريت قانوني جشن ٽي ملهايا ۽ واپار جي نفعي بخش کاروبار ۾ مشغول ٿي ويا هيا. ڪجهه ٿورڙن عبراني يهودين، جيڪي فراخ دل ۽ هيا، پنهنجي پاڻ کي مذهبي علمن ۽ فيلسوفياٽي جستجو لاءِ وقف ڪري ڇڏيو.[15] اُنهن محنت سان جاکوڙ ٿي ڪئي ۽ ايئنس جي ڏاهي جي خدائي علم ۽ سرشتي کي اڳتي وڌائڻ جي ڪم ۾ جوش جذبي سان جُنبي ويا. پر سندن قومي فخر يا مٽيرائيءَ جو احساس تڏهن ڪمزور ۽ نماٽو بٽجي ظاهر ٿي ٿيو جڏهن هنن پنهنجي اڳين غربت ۽ مسڪينيءَ جي حالت کي مڃيو ۽ جرئت منجهان پنهنجن وڏن جي پاڪ ورثي کي نمايان ڪري ڇڏيائون يعني سون ۽ زيور جيڪي اُنهن پوئين وقت ۾ پنهنجن مصر جي مالڪن ۽ آقائن کان چورائي پاڻ وٽ جمع ڪيا هيا، حضرت عيسيٰ (ع-س) جي جنم کان سؤ سال اڳ ۾، هڪ فيلسوفياٽو تحقيقي مقالو، جيڪو ظاهر ظهور ٻڌائي ٿو ته انجي طرز، خيال ۽ جذبا پڪ سان افلاطون جي فلسفي مان ورتا ويا هيا. اليگزئندريا جي يهودين ان کي پنهنجو ڪري پيش ڪيو ۽ جنهن کي هر طرف کان داد مليو ته اهو حضرت سليمان (ع-س) جي ڏاهپ جو قيمتي تبرڪ هيو.[16] حضرت موسيٰ (ع-س) جي مذهب ۽ گريشين فلسفي جي ساڳئي قسم جي ميلاپ يا اتحاد، فِلو جي تحريرن کي نمايان ڪري ڇڏيو آهي جيڪي گهٽو پاڻي اگسٽس [17] جي حڪومت جي دؤر ۾ ڇپرايون ويون هيون. ڪائنات[18] جو ظاهري روح، ممڪن آهي ته عبرانين جي پارسائيءَ کي ڪي زخر رسائي، پر اُنهن دليلن (لوگوس) جو ڪردار حضرت موسيٰ (ع-س) جي جيهووا (Jehovah) ۽ سندس منهندارن جي سپرد ڪري ڇڏيو: ۽ خدا جي پٽ کي زمين تي هڪ ظاهري انسان جي صورت ۾ ڇاٽايو ويو ته اُهو اهڙا روزه مرهه جا ڇاتل سجاتل ڪم ڪري جيڪي مٿاهين "آفاقي ڪارڻ" سان نه ته پيڇجن ٿا ۽ نه وري فطرت ۽ طور طريقن ۾ ان سان مشابهت رکن ٿا.[19]

افلاطون جي فصاحت بلاغت، حضرت سليمان (ع-س) جو نالو، اليگزئينڊريا جي اسڪول جا اختيار ۽ يهودين ۽ يونانين جي رضامندي وغيره سيئي ڳالهيون گڏجي به پراسرار اصول يا ڪيفيت جي سچائيءَ جي تعين ڪرڻ لاءِ ناڪافي هيون جيڪي وقتي طور تي هڪ سوچيندڙ دماغ کي خوش ته ڪري ٿي سگهيون پر ان کي مطمئن هرگز نٿي ڪري سگهيون. فقط هڪ پيغمبر يا حواري جيڪو رب العزت کان اتساهه ۽ روحاني طاقت حاصل ڪري ٿو ته اُهو ئي قانوني طرح انسانذات جي عقيدن تي حڪمراني ۽ ڪري سگهي ٿو؛ افلاطون جو خدائي علم شايد هميشه واسطي اڪئدمي جي فلسفياٽي تصور "پورچ ۽ لائيسيئر"* ۾ الجهيل رهي ها، جيڪڏهن لوگوس جو نالو ۽ خدائي صنعتون آخري ذڪر ڪيل جي جنتي قلم سان تصديق نه ٿيل هجن ها جيڪو عيسائين يا انجيل جي وارثن ۾ تمام مٿاهون مقام رکي ٿو.[20]

عيسائيت جو الهام، جيڪو نروا جي حڪومت ۾ پنهنجي تڪميل جي منزل تي پهتو هو، دنياوارن تي هڪ حيران ڪندڙ راز جو انڪشاف ڪيو ته لوگوس، جيڪو شروع کان وٽي خدا سان گڏ هيو اُهو خدا پاڻ هيو جنهن سيئي شيون جوڙيون هيون ۽ جنهن جي لاءِ سڀ شيون ناهيون يا جوڙيون ويون هيون، اُهو نڍرتَ جي عيسيٰ (ع-س) جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو هو ۽ جيڪو هڪ ڪنواريءَ منجهان ڄائو هو ۽ جنهن جو موت صليب تي ٿيو هو. هڪ عام رِتَ موجب

حضرت عيسيٰ (ع-س) جا خدائي اعزاز، دائمي طرح ماٿهن کي عطا ڪرڻ جي سلسلي ۾، قديمي ۽ وڏن معزز ڪليسائي ليکڪن هڪ عيسائي مذهب جي عالم ڏانهن هن متضاد تفرقي بازن کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو جنهن سبب اوائلي ڪليسا جو امن امان سخت متاثر ٿيو هو.[21]

I ايبونائيٽس،[22] جيڪي نزارينس[23] فرقي جا هيا، جو عقيدو غير مضبوط ۽ اڌورو هو. اُهي حضرت عيسيٰ (ع-س) کي سچي کان وڌو پيغمبر سمجهندا هيا جنهن کي فطرت کان وڌيڪ پاڪائي تورڙي اختيار حاصل هيا. هنن سندس ذات ۽ مستقبل جي سندس حڪومت ڏانهن اُهي سڀئي پيشنگوئيون منسوب ڪري ڇڏيون هيون جيڪي عبراني مذهب ۾ اڳي ئي رائج هيون ۽ جن جو تعلق اڳواڻ بشارت ڏنل مسيحا جي نازل ٿيڻ ۽ سندس روحانيت سان هيو.[24] اُنهن منجهان ڪجهه پيشنگوئين ۾ اهو به ڄاڻايل ۽ مڃيل هيو ته هو هڪ ڪنواريءَ منجهان ڄائو هو پر اُنهن سندس اڳ واري وجود تورڙي لوگوس جي خدائي تڪميل کي سختيءَ منجهان رد ڪيو جنهن مان مراد خدا جي پٽ جي هئي ۽ جنهن کي سينٽ جان جي مقدس ڪتاب ۾ صاف طرح بيان ڪيو ويو آهي. پنجاهه سالن ڪانپوءِ ايبونائيٽس، جن جون غلطيون ۽ خطائون جسٽن مارٽر طرفان، ان کان ڪيترائي حصا گهٽ سختيءَ سان بيان ٿيل آهن جنهن جا هو جائز حقدار آهن،[25] عيسائي نالي جو هڪ اَڻ ڇنڙ ۽ غير اهر حصو ناهي ورتو. دليل بازَ، جيڪي ڊوسيٽس جي نالي سان زياده مشهور ۽ نمايان هيا، هڪ مخالف قسر جي انتها طرف هليا ويا ۽ انسانن سان دوکو ڪيائون تورڙي جو اُنهن خدائيت ۽ حضرت عيسيٰ (ع-س) سان عقيدت جي ڀَالهه ٿي ڪئي. افلاطون جي فلسفي جي اسڪول ۾ پڙهيا هيا، لوگوس جي بلنديءَ واري مرتبي جي ڪين خبر هئي ته هنن بنادير جي هڪ تصور قائر ڪري ورتو ته ازلي معبود جو روشن ترين ظهور شايد ڪا ظاهري شڪل اختيار ڪري ۽ هڪ ڏسڻ ۾ ايندڙ فاني انساني جو روپ وٺي سامهون اچي،[26] پر اُنهن جي اِها دعويٰ يا تصور اجايو ۽ فضول هو ڇاڪاڻ ته مادي جون اٽپورايون ۽ نامڪمل ڪيفيتون، هڪ آسماني، جنتي ۽ روحاني وجود جي سچائي ۽ نِج پڻي سان هرگز مطابقت نٿيون رکي سگهن. ايجا حضرت عيسيٰ (ع-س) جو رت ڪٿوڙي جبل تان وهيو ئي ٿي ته ڊوسيٽن هڪ ناپاڪ ۽ بيهودو نظريو پيش ڪيو ته هو هڪ ڪنواريءَ[27] جي ڇيڀائيءَ مان ٻاهر نه آيو هو پر هڪ مڪمل انساني روپ ۾ اُردن جي ڪنارن تي اچي نازل ٿيو هو، ۽ هن پنهنجن دشمنن جي حواسن تورڙي سندس پوئلڳن تي زبردست اثر وڌو هو ۽ سندس وزيرن پنهنجي ڪاوڙ، هڪ اجائي ۽ آسيب واري تصور تي ضايع ڪري ڇڏي ته هُو صليب تي پهچي ختر ٿي ويو ۽ جنهن کي ٽن ڏينهن کان پوءِ وري مردي مان زنده ٿيڻو هو.[28]

خدائي منظوري جيڪا حواريءَ، افلاطون جي مذهب جي بنيادي اصول کي عطا ڪئي هئي، انهيءَ ٻي ۽ ٽين صديءَ جي اهڙن مذهب اختيار ڪندڙن، جيڪي عالم پڙ هيا، کي آماده ڪيو ته هو الينس جي مها ڏاهي جو فڪر ۽ لکڻيون پڙهن جنهن عيسائيت جي الهام بابت حيرت انگيز طور تي پيشنگوئي ڪئي هئي؛ افلاطون جو احترام لائق نالو بنياد پرستن[29] جائز استعمال ٿي ڪيو ۽ فرقي پرستن[30] انجو ناجائز فائدو ٿي ورتو: يعني اُهو ئي ساڳيو نالو سچ لاءِ صحيح استعمال ٿي ٿيو ۽ ڪوڙ ۽ غلطين لاءِ انجو منفي استعمال ڪيو ويو. سندس ذهين تبصري نگارن ۽ هولي ۽ لهجن جي سائنس جي ماهرن جون خدمتون حاصل ڪيون ويون ته اُهي سندس فڪر ۽ بلند خيالن جي مستقبل جي

نتيجن تي روشني وڌهن ۽ جيڪي ليکڪ ڪانسٽس بيحد متاثر هيا، اُنهن جي محتاط خاموشيءَ جو به تدارڪ ڪن. ساڳي قسر جا ڏکيا ۽ ذهن ڇهنجهوڙيندڙ سوال پُراسرار ٽِن يا تثليث[31] جي معمي جي طريقي، نسل، انفراديت ۽ سندن برابريءَ بابت اليگزنڈريا جي اسڪول ۾ عيسائين ۽ مٿي بيان ڪيل سڀني ڳالهين جي فيلسوفياڻي حلَ جا منتظر هيا. ڪجهه ڇاڻڻ ۽ تجسّس جي احساس ۽ جستجو کين آماده ڪيو ته اونداهي غارَ جا ڳُجهه ڳولي ڪڍن ۽ اُنهن تي ويچار ڪن، ۽ پروفيسرن ۽ سندن پوئلڳن جو فخر لفظن جي جادوگري سان مطمئن ٿي ويو. پر سڀني عيسائين، مذهبي ڏاهَن ۽ عظيم اتنئسيَس* خود صاف لفظن ۾ تسليم ڪيو آهي ته[32] جڏهن به هن لوگوس جي خدائي اسرار کي سمجهڻ ۽ پرجهڻ لاءِ پنهنجي ذهن تي زور ٿي ڏنو ته ائين ٿي لڳو ته گويا سڄي ذهني زور ۽ محنت تي پاڻي ٿي ڦِري ويو؛ ۽ جيئن هن ذهن کي وڌيڪ ڊوڙائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ته ڪيس ڪجهه به سمجهه ۾ نٿي آيو. ۽ جيترو ان موضوع تي هن وڌيڪ ٿي لکيو ته ائين ٿي لڳو ته سندس خيالن ان وقت ڪيس گهٽ ۽ گهٽ لکڻ لاءِ آماده ٿي ڪيو. جڏهن به اهڙي قسر جو مونجهارو ايندو آهي ته اسين مجبور ٿي محسوس ڪندا آهيون ته ان حقيقت کي مڃيندا به آهيون ته جنهن مسئلي يا مُونجهاري کي سمجهڻو آهي، ان جو وزن يا مقدار ڪيترو وڏو آهي ۽ انهيءَ حساب سان اسان جي دماغ جي پهچ ڪيتري وڏي يا ننڍي آهي. انهي سلسلي ۾ اڪثر ڪري هنهي ڳالهين ۾ هڪ جهڙائي گهٽ ۽ ناموافقت زياده هوندي آهي. اسان ڪوشش ڪندا آهيون ته وقت، عرصي ۽ مادي جي مسئلن کي، جيڪي اسان جي ڄاڻ جي تجربي جي سوچن سان گهٽا لاڳاپيل هوندا آهن، کي آسان ۽ مختصر بڻايون. پر جيئَن ئي اسان ڪنهن لامحدود ۽ سمجهه کان مٿاهين شئي يا روحاني وجود کي عقل ۽ دليلن جي روشنيءَ ۾ پُرجهڻ ۽ پروڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون ۽ جيئَن اڪثر ڪري اسين ڪنهن ناڪاري سوچ يا خيال منجهان هاڪاري نتيجا ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. ته اسين ان وقت انڌاري ۾ ٽاڪوڙا هڻندا آهيون. مونجهارن جي ور چڙهي ويندا آهيون ۽ پوءِ لازمي طور تضادن جو شڪار ٿي ويندا آهيون. جيئَن ته هي مشڪلاتون ڪنهن موضوع جي نوعيت منجهان پيدا ٿيندڙيون آهن ته اُهي پنهنجي پوري طاقت ۽ قوت سان هڪ مدبر، فيلسوف توڙي ديني مفڪر جي دليلن کي سخت پريشان ڪري ڇڏيندڙيون آهن. پر اسان ۾ تمام اهر ۽ خاص حالتن جو جائزو وٺڻ جي ڪوشش ڪنداسين جن ڪٿولڪ ڪليسا جي اصولن کي، افلاطون جي فلسفي جي اسڪول جي نظرين کان جدا ڪري ڇڏيو آهي.

ا فيلسوفن جي هڪ خاص سوسائٽيءَ ۾ وسيع تعليم ۽ دانش رکڻ وارا توڙي وڏا مدبر ماڻهو، اٽينس جي باغيچن يا اليگزنڈريا جي لائبررين ۾ ويهي سڪون ۽ سانت جي ماحول ۾ مابعد الطبيعاتي سائنس جي باري ۾ ڪڏهن ڪڏهن تمام ڳُوڙهن سوالن ۽ مشڪل نڪري مونجهارن بابت، خاموشيءَ سان گڏجي ويهي ويچاريندا آهن. مٿاهان ۽ چوٽيءَ وارا نظريا يا اندازا جيڪي نه ته عقل ۽ ذهن کي مطمئن ڪن ٿا نه وري خود افلاطونين جي جذبن جي ترجماني ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا ته اُنهن کي ته لاپرواهيءَ منجهان، ڪاهلن، توڙي مصروف ماڻهن يا انسانذات جي بيحد محنتي طبقي طرفان به هڪدم نظرانداز ڪيو ويو.[33] پر جڏهن لوگوس جي باري ۾ انڪشاف ٿيڻ ڪانپوءِ، انکي عقيدي جي پاڪ رُکن توڙي اُميد جي ڪرڻي طور قبول ڪيو ويو ۽ عيسائين جي مذهبي عبادت ۾ انکي شامل ڪيو ويو ته ان پُراسرار ۽ ڳجهي سرشتي کي بيشمار ماڻهن طرفان قبول ڪيو ويو ۽ لاتعداد اڪثريت سڄي رومي دنيا جي

هر صوبي ۾ انکي تسليم ڪري اختيار ڪيو. اُهي ماڻهو جيڪي پنهنجي عمر، جنس يا مصروفيتن سبب ان فيصلي ڪرڻ جا اهل نه هيا تہ ڪير مشڪل ۽ پيچيده دليلن جي وهنوار ۾ گهٽ ۾ گهٽ مهارت رکندڙ هيو ۽ اهڙن ئي سيکڙائن خدائي فطرت کي پرجهڻ ۽ پروڙڻ ٿي چاهيو ۽ ٽرٽولين[34] وڏي فخر مان اها دعويٰ ڪري ٿو تہ هڪ عيسائي مستري ٻہ اُنهن سوالن جا جواب آسانيءَ سان ڏئي ويندو جن گريشين بزرگن ۽ ڏاهن جي دماغن کي منجهائي ڇڏيو هيو. جڏهن موضوع اسان جي پهچ کان گهڻو ٻاهر هوندو آهي تہ ان وقت تمام مٿاهين ۽ بيحد هيٺاهين سوچ ۾ جيڪو فطري فرق ٿئي ٿو، انجو جيڪڏهن کائو ڪيو وڃي تہ اُهو تمام گهٽ هوندو، پر ان جي باوجود ڪمزوريءَ جي ماپي جي ڪَ يا تہ هڪ ۽ ضِد يا اصولي اعتماد سان ڪري سگهجي ٿي. هي اندازا فرصت جي گهڙين جي راند روند يا وِندر ورونهن سمجهڻ بدران، موجوده وقت لاءِ بيحد اهميت وارا ٿي ويا ۽ ايندڙ زندگيءَ جي تياريءَ لاءِ پڻ تمام ڪارائتا ثابت ٿيا. هڪ خدائي علم، جنهن ۾ ويساهه ڪرڻ لازمي هو، جنهن ۾ شڪ ڪرڻ گمراهي هئي ۽ جنهن لاءِ ڪا غلطي ڪرڻ نہ رڳو خطرناڪ پر موتمار پڻ هئي، غور ۽ ويچار ڪرڻ لاءِ روز مرهہ جي گفتگو جو دلچسپ موضوع بنجي ويو. فلسفي جي بيرخي ۽ ڏڻائيءَ ۾ پاڻ اڀرڻ جي جذبن جوت جاڳائي ڇڏي ۽ عام زبان جي محاورن ۾ بہ عقل ۽ تجربي جون فريبڪاريون نظر اچڻ لڳيون. عيسائي، جيڪي اڳ يونان جي مذهبي[35] علم رکندڙ ناپاڪ نسل کان بنهہ نفرت ڪندا هيا، اُهي ساڳيا ئي هاڻي اُنهن سان پُٽ - ڏيءُ ۽ ماءُ - پيءُ جي رشتن ۽ لڳ لاڳاپن سان پيش اچڻ لڳا: پٽ جو ڪردار، سندس وجود جي پاڻمرادي مالڪ وٽ دائمي تابعداري ۽ غلاميءَ وارو هو،[36] پر نسل جي قانون موجب ۽ روحاني توڙي ظاهري طرح سان ڪيس پنهنجون عام خاصيتون پيڙهيءَ ڏانهن منتقل ڪرٽيون هيون،[37] پر ڪين اها جرئت هرگز نہ هئي تہ پُٽ جي مُدي يا سندس اختيارن کي اُها حيثيت ملي جيڪا سندس دائمي ۽ سڀني اختيارن رکڻ واري پيءُ جي هئي. حضرت عيسيٰ (ع-س) جي مرڻ کان اسي سال پوءِ، بٽنيا جي عيسائين پلني جي ڪورٽ آڏو اظهار ڪيو تہ هو ڪيس هڪ ديوتا سمجهن تا ۽ سندس خدائي اعزاز هر دوُر ۽ هر ملڪ ۾ مختلف فرقن وٽ لڳاتار رهيا آهن جيڪي پاڻ کي سندس پوئلڳ سڏرائن ٿا.[38] حضرت عيسيٰ (ع-س) جي ياد لاءِ سندن معصوم محبت ۽ ڪنهن بہ خلقيل هستيءَ لاءِ توهين آميز عبادت جو پئو ڪين لوگوس جي مڪمل خدائيت ۾ ويساهه ڪرڻ جي سلسلي ۾ مصروف رکي ها، جيڪڏهن جنت جي شهنشاهيءَ ڏانهن سندن تکڙي اڏام کي، ان شڪ ۽ خطري کان چپ چاپ ۾ روڪيو نہ وڃي ها تہ هو حضرت عيسيٰ (ع-س) ۽ ڪائنات جي واحد ابي جي اڪيلي حڪمرانيءَ جي وحدت ۾ خلل وجهڻ جو امڪاني انديشو پيدا ڪري وجهن ها. عيسائين جي دماغن ۾، مختلف ۽ متضاد مذهبي روَين جي ڪري اضطرابي ڪيفيت ۽ ٻڌ تر جو ماحول پيدا ٿيو. اُهو خدائي علم جي اُنهن ليکڪن جي تحريرن ۾ ڏسي سگهجي ٿو جيڪي حوارين جي دوُر جي خاتمي کان پوءِ ۽ آرين تضادن جي شروع ٿيڻ کان اڳ موجود هيا، سندن وڏيڻ جي حق تي، ٻئي ڏريون، يعني ڪٽر مذهبي ماڻهو توڙي فرقي پرست، هڪ جيتري اعتماد سان دعويٰ ڪن ٿيون، ۽ ڳوڙهي سوچ رکندڙ نقادن ان ڳالهہ جي اجازت ڏني آهي تہ جيڪڏهن سندن قسمت سڻي هجي ها ۽ هو ڪئٿولڪ سچائيءَ سان سجاتا وجن ها، پر اُنهن پنهنجن نظرين کي چڙواڳ، غلط ۽ ڪڏهن تہ اهڙي زبان ۾ پيش ڪيو آهي جيڪا پنهنجن ئي خيالن جي خود تردید ٿي ڪري.[39]

ماٿهن جو انفرادي ايثار ۽ جذبو، اُهو پهريون خاص گُڻ ۽ خاصيت هئي جنهن عيسائين کي افلاطونين کان جدا ۽ نمايان ڪري ڇڏيو هو. هي نمبر تي ڪليسا جا اختيار هيا. فلسفي کي مجيندڙن، ڏاهن ۽ مدبرن جي آزاديءَ جي حقن تي زور ڏنو. ۽ پنهنجن استادن جي جذبن لاءِ جيڪو وڻن احترام هو سو پاڻمرادو ۽ سندن ذهني آسودگيءَ جو عڪاس ۽ دانشوراڻن دليلن لاءِ حڻ سندن هڪ نڏرانو هو. پر عيسائين هڪ وڏي ۽ نظر ۽ ضبط واري سوسائٽي ٺاهي هئي ۽ سندن قانونن ۽ مئجسٽريٽن جي اختيارن جو دائرو سختيءَ سان فقط اُنهن ماٿهن تائين هيو جيڪي سندن عقيدي سان تعلق رکندڙ هيا. ڪيترن ئي فرقن ۽ عقيدي رکندڙن جي مذهبي خام خياليءَ کي لغام ڏنو ويو.[40] ذاتي فيصلن جي آزاديءَ کي ڪائونسلن جي ڏاهپ جي حوالي ڪيو ويو تہ پلي عوامي اندازن جا بہ نبيرا ٿين: مذهبي عالمن جا اختيار سندن ڪليسائي رتبن جي آڌار تي طئي ڪيا ويا ۽ حوارين جي پادري جانشينن ڪليسا طرفان اُنهن ماٿهن جي سخت مذمت ڪئي جن مذهب جي بنيادي نقطن يا عقيدن کان انحراف ڪيو هو. پر مذهبي تضادن جي دؤر ۾، هو اُهو ڪر جيڪو هي کي تڪليف پهچائي تو تہ پوءِ دماغ جي طاقت ۽ رد-عمل جي قوت پوري زور سان ايري ٿي ۽ اهڙي وقت ۾ مذهبي باغيءَ جي جوش يا ضِد ۾ ڪنهن مقصد يا لالچ جي لِڪل قوت ڪر ڪندي نظر اچي ٿي. هڪ مابعد الطبيعاتي دليل، سياسي مقابلي لاءِ بهانو يا سبب بنجي ويو. افلاطون جي اسڪول جون حرفتون مشهور فرقن پاران پنهنجي امتيازي نشانين طور استعمال ڪيون ويون ۽ اُهو مفاصلو، جنهن سندن نظرين کي جدا ڪري ڇڏيو هو فسادن ۽ دشمنين، گهٽو وڌائي وڏو ڪري ڇڏيو هو. جيستائين پرئڪسيز ۽ سبيليَس جون فتني واريون مذهبي تفرقي بازيون "پي۽ ۽ پُٽ"[41] جي معاملي کي وڌيڪ الجهائڻ ۾ مصروف رهيون، تہ پوءِ بنياد پرست ڏر تي گهٽو الزام نٽو مڙهي سگهجي جيڪڏهن اُهي، روحاني ماٿهن جي برابريءَ جي بجاءِ، پنهنجي نمايان حيثيت قائم رکڻ تي وڌيڪ زور ڏئي رهيا هيا. پر جيئن ئي تضادن ۽ اختلافن جو ماحول ختم ٿيو تہ انڪانپوءِ سبيليَس جي ترقي ۽ واڌارو روم، آفريڪا يا مصر جي ڪليسائن جي لاءِ ڪنهن بہ خطري يا تشويش جو باعث نہ رهيو هو. خدائي علم جي ويڙ جو وهڪرو سڪون ۽ آهستگيءَ سان مخالفت جي انتها طرف وهي هليو هو ۽ جيڪي تمام انتها پسند علم جا ڊاڪٽر هيا اُنهن بہ اُهي محاورا، ٻولي ۽ فقرا استعمال ڪرڻ شروع ڪيا جن جي اکر اُکلڻ جي بہ اڳ سندن واتن تي بندش پيل هئي.[42] سَهپ ۽ برداشت جي فرمان جاري ٿيڻ ڪانپوءِ، جيئن ئي عيسائين کي امن، آرام ۽ فرصت جون گهڙيون ميسر اچي ويون تہ افلاطونيت جي قديم مرڪز ۾ تِن يا تثليث جي باري ۾، وري اختلافن مُنهن ڪڍيو. اليگزئندريا جا عالم، شاهوڪار ۽ فتني فساد جا شوقين اُتي پيا ۽ مذهبي قوتن جا شعلا اوپر وارن علائقن ۾ اسڪولن، مذهبي دعويدارن ۽ عام ماٿهن کان ٿيندا هر صوبي تائين ڦهلجي ويا. لوگوس جي دائم هجڻ جو مُنجهيل سوال وڏن ڪيلسائي ميڙن، تقريرن ۽ واعظن ۾ اتاريو ويو ۽ آرَيس[43] جا متصاد نظريا سندس پنهنجن توڙي سندس دشمنن جي جوش جذبي سبب عام ماٿهن تائين پهچي ويا. بهرحال سندس سخت مخالفن بہ ان ڳالهہ کي مڃيو آهي تہ اهو نائب پادري هڪ وڏو عالم هو ۽ هن بيداغ ۽ پاڪ صاف زندگي گذاري هئي ۽ جنهن گذريل الڪشن ۾ وڏي بشپ جي تخت تي ويهڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو هو.[44] سندس مقابلي ۾ بيٺل سڪندر (اليگزينڊر) جَج جي عهدي تي وڃي ويٺو. هنجي سامهون اهم سبب يا ڪارڻ تي دليل بازي ٿي. ۽ جيڪڏهن شروعات ۾ هو ٽورو هيڪيو ۽ ڪجهہ اٽڪيو

بہ سهي پر آخر هن پنهنجو فيصلو صادر ڪري ڇڏيو جيڪو سندس عقيدي موجب، قاعدن قانونن جي پوئواري ڪندي ڏنو ويو هو.[45] نائب پادري، جنهن کي ڪا پرواھ ئي ڪانہ هئي، جنهن فيصلي ٻڌائيندڙ ناراض بشپ جي اختيارن کي للڪاريو ٿي چاهيو، کي ڪليسا جي برادريءَ منجهان ٻاهر ڪڍيو ويو. پر آريس جي فخر جي احساس کي هڪ وڏي پارٽيءَ جي حمايت حاصل هئي، جنهن سندس جرئت لاءِ ڪيس داد ٿي ڏنو. هن پنهنجن پوئلڳن ۾، مصر جا بہ بشپ، ست نائب بشپ، ٻارهن راهب ۽ (جيڪا ڳالھ شايد اعتبار ڪرڻ جوڳي نٿي لڳي) ست سئو ڪنواريون ڳڻرايون. ايشيا جي بشپن جي وڏي اڪثريت جي بہ ڪيس حمايت حاصل هئي جن ڪليو ڪلايو سندس نقطئ - نظر جي تائيد ٿي ڪئي ۽ سرئريا جي يوسيبيس، حمايت ڪندڙن جي سڃي منظرنامي کي ٿي ڏنو جيڪو عيسائين ۾ پڙهيل لکيل وڏو پادري هيو ۽ وڏي ڳالھ تہ نڪوميديا جو يوسيبيس بہ سندس حمايتي هو جيڪو هڪ درويش صفت انسان هئڻ جي باوجود هڪ وڏو مدبر بہ هيو. فلسطين ۽ بٿنيا جون ڪائونسلون مصر جي ڪائونسل جي خلاف هيون. شهنشاھ ۽ عوام جو توجہ ڪائونسلن جي علمي اختلاف ڈانهن ڇڪرايو ويو ۽ جيڪو ڇهن سالن جي عرصي گذرڻ ڪانپوءِ فيصلو صادر ٿيو ان کي وري نائيسيا جي جنرل ڪائونسل جي بالائي اختيارن ڈانهن آخري فتويٰ ڏيڻ لاءِ موڪليو ويو.

جڏهن عيسائين جي مذهب جون ڳجهيون ۽ پراسرار ڳالهيون خطرناڪ حدتائين ظاهر ٿي ماڻهن جي بحثن مباحثن جو موضوع بنجي ويون تہ اهو مشاهدو ڪيو ويو تہ انساني سوچَ، "خدائي تثليث" يا ڪن جي فطرت جي باري ۾ ڪن سرشتن کي ناهي سگهي جيڪي پڻ اڏورا ۽ اڻپورا هيا ۽ بعد ۾ اهو اعلان ڪيو ويو تہ انهن ڪنهي سرشتن منجهان ڪوبہ صحيح معنيٰ ۾ فرقيواريت ۽ غلطين کان پاڪ نہ هيو.[47]

I پهرئين انومان مطابق جيڪو آريَس ۽ سندس پوئلڳن جو هو تہ لوگوس بي تي پاڻيندڙ ۽ اوڇتي تخليق هئي جيڪا "پيءُ" جي خواهش تي "نفيءَ" مان پيدا ٿي هئي. پٽ، جنهن کان سڀ شيون ٺهيون هيون،[48] ۽ جيڪو سڀني دنيائن جي تخليق کان بہ اڳ ڄائو هو، ۽ جنهن ۾ ڏکهي ۾ ڏکهو آسماني عرصو بہ پيٽ ڪرڻ تي ڇڻ اک ڇنب وانگر لڳندو؛ پر هي عرصو پوءِ بہ لامحدود نہ هيو،[49] ۽ ڪجهہ وقت اڳوَ هيو جيڪو لوگوس جي پاڪ ۽ پَوتر تخليق کان اڳ گذريو هو. هِن ئي لمحي پيدا ٿيل پٽ ۾ قادر-مطلق پيءُ پنهنجو پاڪ روح ڀري ڇڏيو هو ۽ پنهنجي شان شوڪت جي روشني ۽ نور سان سندس اندر منور ڪري ڇڏيو هو. ڪل ڪمال ۽ تڪميل جي ظاهري تصوير ۾ هن پنهنجن پيرن هيٺان هڪ آڏ ڪُڏ مفاصلو ڏنو ۽ ساڳي وقت محترم فرشتن جا تخت ڏنا. ان جي باوجود هو فقط هلڪي روشنيءَ سان چمڪيو هو ۽ روم جي شهنشاهن جي پُٽن وانگر جن کي سيزر ۽ آگسٽس جا لقب عطا ڪيا ويا هيا،[50] هن پنهنجي پيءُ ۽ حاڪم جي فرمانبرداري ۽ مرضيءَ مطابق سڃي ڪائنات تي حڪومت ڪئي.

II بي انومان مطابق، لوگوس ۾ سڀيئي فطري ۽ غير تبديل ٿيندڙ ڪمالَ موجود هيا جيڪي مذهب توڙي فلسفي مطابق فقط رب العزت لاءِ مخصوص هوندا آهن. ٿي تمام نمايان ۽ لامحدود دماغ يا عنصر. ٿي-هڪ ٻئي جيترا ۽ جهڙا يا هڪ ٻئي جا همسر. ۽ ٽن - دائمي وجودن ڳڏجي "خدائي- رُوح"[51] سڏرايو هو ۽ اها ڳالھ يقيني طور تي تردید جي زمري ۾ اچي وڃي ها جيڪڏهن ائين چيو وڃي ها تہ انهن مان ڪنهن بہ هڪ جو وجود ڪونہ هو يا ڪڏهن بہ اُنهن مان ڪو هڪ يا سڀئي پنهنجو وجود وڃائي ويهندا.[52] ان سرشتي جي وڪالت ڪندڙ جيڪي ٽن خود

مختيار خدائن جي حقيقت کي مڃين ٿا، اُهي "پهرئين ڪارڻ" جي ايڪي کي محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، جيڪي دنيا جي هلچل ۽ سرشتي کي سهڻي ترتيب ۽ طريقي سان هلائڻ جا ذميوار آهن ۽ جيڪي هڪ ٻئي جي راءِ ۽ گڏيل مرضي مطابق ڪائنات جو ڪاروبار سهڻي نموني هلائن ٿا. ماڻهن توڙي جانورن جي سوسائٽين ۾ پڻ اهڙي قسر جي ايڪي ۽ اتحاد جي هلڪي جهلڪ ڪٽي ڪٽي نظر اچي ٿي. جيڪي سبب، اهڙي ايڪي ۾ خلل وجهڻ جو ڪارڻ ٿين ٿا، اُهي گهٽو ڪري سندن لياقتن ۽ اهليتن جي اڻ برابري ۽ اٽپورائي جا هوندا آهن پر سڀ کان وڌيڪ ۽ وڏي طاقتور قوت، جنهنجي رهبري لامحدود ڏاهپ ۽ سُڻائيءَ ذريعي ٿيندي آهي، ساڳين مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ساڳيا ذريعا چونڊڻ ۾ ناڪام نه ٿيندي آهي.

III ٽي هستيون، جيڪي پنهنجي وجود لاءِ پنهنجي ئي جوڙيل حڪمت عمليءَ هيٺ، پاڻ وٽ سيئي خدائي صفتون مڪمل صورت ۾ رکن ٿيون، جن جو عرصو دائمي ۽ دوامي آهي، وقت ۽ مفاصلي ۾ لامحدود آهن ۽ تمام ويجهڑائيءَ مان هڪ ٻئي لاءِ توڙي پوري ڪائنات جي لاءِ هر وقت موجود ۽ حاضر آهن، لازمي طور گڏجي "هڪ ۽ ساڳيو وجود"[53] اختيار ڪن ٿا تہ ماڻهن کي ڏنڊين آگريون اڇيو ٿيون وڃن، ۽ جيڪو جيئن سندس شان ۽ فطرت جي تقاضا آهي، هڪ ٽي ڪري بہ مختلف رُوپن ۾ پاڻ کي ظاهر ٿو ڪري ۽ جدا جدا طريقن سان پنهنجي عظمت جو اظهار ڪري ٿو. هن انومان منجهان، ٽن جي صحيح ۽ اصل وجود کي، نالن ۽ تصوراتي خيالن ۾ سمجهائڻ خاطر پيش ڪيو ويو آهي. جيڪو فقط دماغ ۾ موجود رهي ٿو ۽ اُهو ئي ان کي سمجهي بہ سگهي ٿو. لوگوس کو شخص نہ آهي پر هڪ صفت يا لاڳاپو آهي جيڪو علامتي يا تمثيلي آهي تہ پڻ جو لقب هڪ دائمي دليل سان وابستہ ڪري سگهجي ٿو جيڪو شروع يا ازل کان وٺي خدا سان گڏ هيو ۽ جنهن سان، ۽ نہ جنهن کان، سڀ شيون وجود ۾ آيون. لوگوس جو روپ يا جسماني شڪل کاڌ کانهي پر اُهو خدائي ڏاهپ جو هڪ اُتساهہ يا الهام آهي جنهن روح کي قوت بخشي ۽ هڪ انسان جي عملن جي رهبري ڪيائين جيڪو حضرت عيسيٰ (ع-س) جي روپ ۾ هن ڪائنات ۾ آيو. اهڙيءَ طرح خدائي علم جي اٿاهہ واديءَ جو چڪر لڳائيندي. اسانجي حيرانگيءَ جي حد ئي نٿي رهي جڏهن اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ جتي سبيلينس جي پڃاڻي ٿئي ٿي تہ اتان ئي ايبونائيٽس پنهنجي شروعات ڪئي هئي ۽ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ڳُجهہ، جنهن اسانجي عبادت ۾ جوش جاڳايو هو، اسانجي کوجنا کان پاسيرو ٿي وڃي ٿو.[54]

جيڪڏهن نائيس جي ڪائونسل[55] جي بشپن کي پنهنجي ضمير جي آزاد مرضيءَ مطابق هلڻ جي اجازت ڏني وڃي ها تہ آريس ۽ سندس ساٿين کي، ان انومان جي حق ۾ گهٽا وڌا ونڻ جي بٽاڪ هڻڻ جي ضرورت ئي نہ پوي ها، جيڪو ڪئٿولڪ دنيا جي پڻ تمام مشهور ۽ زوردار نظرين جي سخت خلاف هو. آريَنس کي جلد ئي پنهنجي ڪمزورين جي ڪُڙڪ پئجي وئي انڪري دوراندیشي ڪندي اعتدال پسنديءَ وارو ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪيائون، جيڪو شهري ۽ مذهبي اختلافن جي دؤر ۾ گهٽو ڪري ادا نہ ڪيو ويندو آهي ۽ نہ وري ان کي پسند ڪيو ويندو آهي، سواءِ ان جي تہ ڏُر تمام ڪمزور ٿي وڃي ۽ مجبوريءَ مان اهڙو روَيو اختيار ڪري. هنن عيسائين جي سخا، خير خيرات ۽ اعتدال پسندي اختيار ڪرڻ جي سفارش ڪئي، اختلافن ۽ اتاريل تضادن جي باري ۾ چيائون تہ اهي سمجهہ ڪان مٿاهان هيا تنهنڪري انهن کي نہ چيڙيو وڃي، ڪن بہ اهڙن شرطن يا وضاحتن سان پنهنجي لاتعلقيءَ جو اظهار ڪيائون جن جو

ذکر يا وضاحت ڪتابن ۾ نٿي ملي ۽ وڏي فراخ دليءَ سان پنهنجي مخالفن کي خوش ۽ مطمئن ڪرڻ جي آڇ ڪيائون تہ ساڳئي وقت پنهنجن اصولن ۽ سڃائيءَ تہ بہ ڪاربند رهيا. هن صورتحال ۾ جيڪو سوپ حاصل ڪندڙ فرقو هو، اُنهن کي اهي فراخدليءَ جون آڇون شڪن ۽ گمانن واريون نظر آيون تنهنڪري هنن مطالبو ڪيو تہ سندن مٺاهين ۽ نمايان حيثيت کي تسليم ڪيو وڃي. هن مطالبي رد ڪرڻ سان آرئنس جي ڪمزور حيثيت خطري ۾ پئجي وڃي ها تہ ساڳي وقت مٽن فرقيواريت جو الزام بہ اچي وڃي ها جنهن جا ڪين نتيجا پڻ پوڳٿا پون ها. هڪ خط ڪي ماٿهن جي سامهون پڙهيو ويو ۽ انکي نفرت منجهان ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو جنهن ۾ سندن منهندار يعني نڪوميديا جي يوسيبيَس نهايت ئي سادگيءَ مان تسليم ڪيو تہ هومُوسيَن يا ٽِن جو معاملو - هڪ اهڙو لفظ جيڪو افلاطونيت جو اڳ ۾ ئي ٻڌل هيو - سندن مذهبي علم جي اصولن سان مطابقت رکندڙ نہ هيو. اهڙي سڻي موقعي کي پادرين پنهنجي هٿان وڃائڻ نٿي چاهيو ۽ اُنهن ئي ڪائونسل جي فيصلن جي نظرداري تي ڪئي ۽ ائمبروز*[56] جي هڪ خوش مزاجيءَ واري اظهار موجب تہ اُنهن اُها ترار استعمال ڪئي جيڪا فرقيواريت خود ميان مان انکري ڪڍي هئي تہ ڏِکاريل ۽ نفرت لائق راکاس جو سِر ڏَڙ کان ڌار ڪري ڇڏين. پيءُ ۽ پُٽ جي ايکي کي نائيسيا جي ڪائونسل مستند بنائي ڇڏيو هو جنهن کي عيسائي مذهب جي بنيادي رُکن طور مڃيو وڃي ٿو چو تہ ان مڃتا ۾ يونانين، لاطينين، مشرق وارن ۽ پروٽيسٽنٽ ڪليسائن جي ڪڏيل رضا شامل آهي. پر جيڪڏهن ساڳيو لفظ فرقيوارن جي نالي کي داغدار نہ ڪري ها ۽ ڪٿولڪس کي متحد نہ ڪري ها تہ پوءِ اهو ماٿهن جي اُن اڪثريت جي لاءِ بيڪار ۽ بيسود هجي ها جنهن لاءِ اهو بنياد پرستن ۾ رائج ڪيو ويو هيو. هيءَ اڪثريت وري ٻن ڏرين ۾ ورهائجي وئي هئي جيڪي فقط انڪري نمايان هيا جو سندن نظريا، ٽن خدائن کي مڃڻ وارن ۽ سبيلينسَ جي عقيدن جي خلاف هيا. پر جيئن تہ اهي متضاد انتها پسنديون، فطري توڙي الهامي مذهبن جون پاڙون پٽڻ جو خطرو پاڻ سان گڏ ڪٽي آيون هيون تنهنڪري هنن پاڻ ۾ گڏجي پنهنجن اصولن کي مضبوط ۽ وڌيڪ مستحڪم بنائڻ تي اتفاق ڪيو ۽ سندن مخالفن جي منفي ۽ هاڃيڪار ڪوششن ۽ انجي نتيجن جي مخالفت ڪرڻ ۽ مردانگيءَ سان مُنهن ڏيڻ جو وَچن ڪيو. پنهنجي ڪڏيل مفاد جي اهميت کي محسوس ڪندي هو پاڻ ۾ گڏجي هڪ ٿي ويا. انهيءَ سلسلي ۾ هنن پنهنجا اندروني اختلاف لکائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، هڪ ٻئي سان سندن تلخيون هاٿي ختر ٿي ڇڪيون هيون چو تہ ڪائونسلن کين سهَپ جو سبق ٿي ڏنو ۽ پراسرار هومُوسيَن جي استعمال سان سندن جهيڑا جهڳڑا بہ ختر ٿي ويا جنهن لا هر ڏَر کي اجازت هئي تہ اُهي پنهنجن پنهنجن اصولن مطابق ان کي سمجهن ۽ ان جي ترجماني ڪن. پنجاهه ڪن سال اڳ، سبيليَن فکر، جي اُن مشهور لقب جي استعمال تي، ائٿنئڪ[57] جي ڪائونسل طرفان پابندي مڑهي وئي هئي، پر اُهو وري اُنهن خدائي علم وارن کي پيارو لڳو جن نالي ماتر ٽِن لاءِ پنهنجين دلين ۾ ڳجهي چاهت رکي هئي. پر آريَن دوَر جي جديد درويشن، جهڙوڪ بهادر اٿنسيَس، عالم گريگري نازيانزين + ۽ ڪليسا سان لاڳاپيل ڪجهہ ٻين اهم ماٿهن، جن پنهنجي قابليت سان نائسين جي اصولن جي حمايت ٿي ڪئي، جڏهن جوهر يا نِچوڙ جي باري ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ٿي ڪيو تہ ان کي فطرت سان لازم ملزوم ڪري ٿي پيش ڪيائون ۽ اُنهن پنهنجي معنيٰ تي زور ڏيندي چيو تہ ٿي ماٿهو جيڪي ساڳي ترڪيب جا جزا هيا اُهي پاڻ هومُوسيَن يا مليل جليل آهن يا ٻين لفظن ۾ اُنهن جو پاڻ ۾ اَٽوٽ رشتو آهي[58] جو هڪ

کي ٻي کان جدا نٽو ڪري سگهجي، هِن نِج ۽ نمايان هڪ جهڙائي کي، هڪ طرف اندروني رشتن ۽ روحاني گهرائيءَ جو پاٽي ڏنل هو جنهن ذريعي خدائي انسان پاڻ ۾ اهڙيءَ طرح ملي هڪ ٿي ويندا آهن جو وري جدا ٿيڻ جو ڪو به امڪان باقي نه رهندو آهي، ۽ ٻي طرف پيءُ جي عظمت کان به عظيم ترين حيثيت جيڪا پٽ[60] جي آزاديءَ سان هر لحاظ سان مشابهت رکندڙ هئي، هڪ اهڙي حقيقت هئي جنهن کي پوريءَ طرح مطابقت رکندڙ ڪيو ويو هو. هنن حدن اندر، مذهبي ڪٽرپڻي جي ٽرکندڙ ۽ نه پسجندڙ بال کي ڪُڏڻ ۽ راند ڪرڻ جو پورو موقعو ڏنو ويو هو. هن پاڪ ميدان کان اڳتي، منڪر، فرقي پرست ۽ شيطان موقعي جي تاڙ ۾ اوچتي حملي ڪرڻ لاءِ هر طرف کان لِکا ٻيٺا هيا ته جيڪو به اتان گذري ته ان بدنصيب تي ڪڙڪي پوَن ۽ ڪيس ماري ۽ ڇڙڪائي ڇڏين. پر جيئن ته مذهبي نفرت جا درجا تضادن جي اهميت جي بجاءِ جنگ جي نوعيت تي مدار رکندڙ ٿين تا، ته فرقي پرستن جن پاڻ کي ڪيرائي نيڄ ڪري ڇڏيو هو، اُنهن جي مقابلي ۾، ساٹن وڏيڪ سخت ورتاءُ ڪري ڇڏيو جن پٽ جي ذات کي تباهه ڪرڻ تي چاهيو. اتنسيَس جي سڄي زندگي، آريَنس جي ناپاڪ جنون جي اُٽمٽ مخالفت ڪندي گذري هئي،[61] پر هُو ائنسيرا جي مارسيلَس، جيڪو سبيليَس جي فرقي سان لاڳاپيل هو، جي ويهن سالن کان به وڏيڪ عرصي تائين، پٽيرائي ڪندو رهيو، ۽ نيٺ جڏهن مجبور ٿي هن ان سنگت ساٿ کان پاڻ کي الڳ ڪيو، ته پوءِ پي هو هڪ معنيٰ خيز مُرڪ ذريعي پنهنجي پياري دوست لاءِ چوندو رهندو هو ته سندس غلطيون يا خطائون اهڙيون هيون جيڪي بخشش يا معاف ڪرڻ جي قابل هيون.[62]

جنرل ڪائونسل پنهنجا اختيار، جن جي فرمانبرداري ڪرڻ لاءِ آريَنس خود مجبور ٿي پيا هيا، استعمال ڪندي، ڪٽر پارٽيءَ جي جهنڊن ۽ ڪتبن تي هيءُموسين جا پراسرار الفاظ لکرايا هيا، جيڪي، ڪجهه ننڍن ننڍن جهڳڙن جي باوجود، رات جي جدوجهد يا جاکوڙ سان تعلق رکندڙ هيا ته جيئَن عقيدي يا گهٽ ۾ گهٽ زبان جي هڪ جهڙائيءَ کي لڳاتار جاري رکي سگهجي. "ٽن" جا عقيدتمند، جن ڪاميابيون ماڻي ۽ پنهنجي لاءِ ڪئٿولڪس جو خطاب حاصل ڪيو آهي، پنهنجي فرقي جي سادگي ۽ لڳاتار سچائيءَ تي ڪين ناز هيو ۽ مختلف عقيدن اختيار ڪرڻ تي هو پنهنجن مخالفن جي مسلسل بيعزتي ڪندا هيا ڇو ته وٽن پنهنجي فرقي جو ڪو مستند يا مجيل اصول ڪو نه هيو. آرين جي بزرگن جو اخلاص يا سندن چالاڪي، قانونن يا ماٹهن جو ٻڌو، حضرت عيسيٰ (ع-س) لاءِ سندن عزت ۽ عقيدت، اتنسيَس لاءِ سندن نفرت، مطلب ته انساني يا خدائي سڀئي سبَب، جيڪي مذهبي فرقن تي اثر انداز يا خلل انداز ٿي ٿيا، مختلف فرقن ۾ بُڇان ڏيارينڊ ڏرائي ۽ عدم دلچسپي پيدا ڪري ڇڏيَ جنهن ٽورڙن ٽي سالن جي عرصي ۾ مذهب[63] جا ارڙهن مختلف مادل يا فرقا پيدا ڪري ڇڏيا ۽ اهڙيءَ طرح اُنهن کليسا جي وقار جي بيحرمتيءَ جو پلاند ڪيو. جوشيلو هلئري،*[64] جيڪو هن صورتحال جي مشڪل منجهان، مشرق جي مذهبي ماٹهن جي غلطين کي وڏيڪ وڏائڻ بدران اُنهن جي زور کي گهٽائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هيو، ٻڌائي ٿو ته ايشيا جي وسيع ۽ وڏي خطي جي ڏهن صوبن ۾ جتي کيس ملڪ نيڪالي ڏئي موڪليو ويو هو، اُتي کيس تمام گهٽ بشپ اهڙا نظر آيا جن جي ذهن ۾ سچي خدا جي ڄاڻ محفوظ هئي[65] جيڪا اذيت کيس محسوس ٿي هئي ۽ جيڪا انساني افراتفري پکڙيل هئي جنهن جو هو تماشين به هيو ته خود شڪار ٻي، ٽوري عرصي لاءِ، سندس روح جي تَتل جذبن کي ٽڏو ڪيو، ۽

جيڪو ٽڪرو هيٺ ڏجي ٿو جنهن منجهان آءُ فقط ڪجهه سِٽون پيش ڪندس، پئائٽيئَرس جو بشپ غير محتاط طريقي سان عيسائي فيلسوف جي طرز تي بيان ٿو ڪري: " اها شئي، هلئري چوي ٿو، "بيحد افسوسناڪ ۽ خطرناڪ آهي ته اسان وٽ اوترائي مذهبي فرقا آهن جيترا ماڻهن جا خيال يا نظريا آهن. اوترائي اصول آهن جيترا ماڻهن جا ذاتي لاڙا آهن. ۽ مقدس شين يا شخصيتن جي باري ۾ گستاخي ڪرڻ جا اوترائي ذريعا آهن. جيترا اسان ۾ نقص آهن. ڇاڪاڻ ته اسان، فرقن کي جڏهن وٽي ته بنا سوچ سمجهه جي ناهي تا ڇڏيون ۽ اُنهن جي وضاحت ۽ پنهنجي من پسند راءِ موجب ۽ بغير سوچيئي سمجهيئي ڪريون تا. هومُوسين کي رد ڪيو وڃي ٿو، وري قبول ڪيو ٿو وڃي ۽ مختلف ڪائونسلن طرفان انجي وضاحت پيش ڪئي ٿي وڃي. پيءُ ۽ پٽ جي ٽوري يا هڪ ٻئي سان پوري مشابهت اچڪلهه جي بدبختيءَ جي وقت ۾، جهڳڙن ۽ اختلافن جو مکيه موضوع آهي. هر سال نه پر هر مهيني اسين نوان عقيدا اختيار ڪريون تا ۽ پوءِ اُنهن سان منسوب اڻ ڏٺل ۽ لکل يا ڳجهن رازن کي بيان ڪريون تا. جيڪو ڪجهه اسان ڪيو آهي، ان تي پڇتايون تا، جيڪي پڇتائن تا، اُنهن جي اسان پٺيرائي ڪريون تا ۽ اسان اُنهن تي ڦٽ لعنت ڪريون تا جن جي اسان اڳ حمايت يا حفاظت ڪئي هئي. جيڪي ٻين جا اصول يا متا اسان ۾ آهن، يا اسان جون خصلتون ٻين ۾ آهن، اسان سڀني جي ڳڙيل مذمت ڪريون تا؛ ۽ جيئن ته اسان هڪ ٻئي کي چيري ڦاڙي، ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڦڙڻ ۽ پري اڇلائڻ جا خواهشمند آهيون، تنهنڪري ٻيو ڪو به نه. پر اسان خود ئي هڪ ٻئي جي تباهي ۽ بربادي۽ جا وڏي ۾ وڏا ڪارڻ آهيون."[66]

نه ته اها اُميد ڪئي ويندي ۽ نه وري اها ڳالهه برداشت ڪرڻ جهڙي هوندي ته آءُ ارڙهن مذهبن يا عقيدن جي باري ۾ هن مذهبي علم جي بحث کي وڌائي پيش ڪريان يا ان جي باريڪ بينيءَ سان چنڊ چاڻ ڪريان، جن جي مصنفن، گهٽو ڪري پنهنجي ليڊر آريَس جو قابل نفرت نالو نه ورتو آهي. اها ڳالهه حيرت ڪان خالي نه هوندي ته هڪ خاص ٻوٽي جو خاڪو يا تصوير ته ليڪجي پر ان جي ساوڪ ۽ سُورنهن بعد ۾ ڳولڻ شروع ڪجي، پر ڳلن ڪانسواءِ پنن يا ميوي ڪانسواءِ ٽارين يا ٽامُين جا تفصيل ڏيڻ جيئن ته مشڪل مرحلو هوندو، ته هڪ محنت ڪندڙ شاگرد جو صبر اهڙي صورتحال ۾ فورن جواب ڏئي ويندو ۽ سندس جستجو کي ناڪام ۽ نراس بنائي وجهندو. آرين جي اختلافي مسئلي سان لاڳاپيل هڪ سوال اڪثر اڀندو هو جنهن تي غور ڪيو وڃي ٿو ته ان ۾ ٽن فرقن جي تخليق ۽ تفاوت ۽ تضادن جو ذڪر آيل آهي ۽ جيڪي پاڻ ۾ متحد فقط هڪ نقطي تي ٿيا ته ڪين نائسين ڪائونسل جي هومُوسيَن ڪان سخت بچان لڳندي هئي. جيڪڏهن ڪانئُن پڇيو وڃي ها ته ڇا پٽ هوبهو پيءُ جهڙو هو ته فرقي پرستن کان اعتماد سان جواب نفيءَ ۾ ئي ملندو هو جيڪي آريَس جي اصولن سان لاڳاپيل هيا يا وري درحقيقت ان فلسفي سان سندن تعلق هو جيڪي خالق ۽ سندس خاص الخاص مخلوق جي وچ ۾ هڪ لامحدود فرق رکڻ جا حامي آهن. هن صاف ۽ چٽي نتيجي کي اِينيَس[67] قائم رکيو هو جنهن تي مخالفن جي جنون کيس هڪ ڏهريي جو خطاب عطا ڪري ڇڏيو هو. ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ سندس بيچين روح کيس مجبور ڪيو هو ته انسانن جي هر شعبي ۾ هن ڪم جاري رکيو هو ۽ تجربو حاصل ڪيو هو. هو ڪيترو عرصو غلام رهيو، هاري يا آبادگار رهيو، در در وڃي ٽانوَن ٽاهڻ جو ڪم ڪندو رهيو، سوناروَ، حڪيم، هڪ ماستر، مذهبي عالم، ۽ آخر ۾ هڪ ڪليسا ۾ حواريءَ جي رتبي تي به ڪم ڪيائين

جنهن ۾ سندس ئي شاگرد ۽ پوئلڳ يونوميس پنهنجون صلاحيتون آزمائيندو هو.[68] مقدس ڪتابن جا متن ۽ عنوان سڀائين هن وٽ موجود هوندا هيا. ارسطو جي فلسفي جا دليل ۽ منطق ڪيس ياد هيا. نرم مزاج اِينيَس جي شهرت اها هئي ته هو ناقابل شڪست مُهاڏو اتڪائيندڙ ۽ دلير هو. ۽ ٻين لاءِ اهو ناممڪن هوندو هو ته يا ڪيس چپ ڪرائي ڇڏن يا وري ڪيس دليلن سان مطمئن ڪري وڃن. آريَن پادرين جي دوستي جو وڏو سبب سندن ذهانت جي ذات هئي پر آخر ڪين دوستي ختر ڪرڻ لاءِ نه رڳو مجبور ٽيٽو پيو پر پنهنجي هڪ خطرناڪ سائيءَ کي اذيت ۽ پهچائڻي پئي جنهن پنهنجي دليلن جي درستگي ۽ سچائيءَ سبب، ماڻهن جي عام مقصد کي چيهو رسايو هو ۽ سندن سچن سائين سنگتين جي نيڪيءَ کي ۽ نقصان پهچايو هو. ڪائنات جي خالق جي لامحدود طاقت، پيءُ ۽ پٽ جي گهٽي ۾ گهٽي هڪ جهڙائيءَ جي سلسلي ۾ هڪ شاندار ۽ عزت وارو حل ڳولڻ ٿي چاهيو ۽ عقيدو شايد عجز ۽ انڪساريءَ سان اُهو ڪجهه حاصل ۽ ڪري ٿي سگهيو جنهن کان دليل ۽ شايد انڪار نه ڪري سگهي ها. ته رب العالمين پنهنجو لامحدود ڪمال ماڻهن کي ڏيکارڻ ۽ پَسائڻ خاطر اهڙي هستيءَ کي تخليق ڪري ڇڏي جيڪا هوبهو هن جهڙي هجي[69] هي آريا پنهنجن ليڊرن جي زور ۽ سندن قابليت تي گهڻو پاڙيندڙ هيا ۽ جن جي ڪين زبردست حمايت پڻ حاصل هئي ۽ جيڪي يوسيبيَس جي دلچسپين ۽ تقاضائن کي پورو ڪرڻ ۾ ۽ ڪامياب ٿيا هيا چو ته اُنهن مشرق جي ڪيترن ئي اهم تختگاهن تي قبضو ڪري ڇڏيو هو. اُنهن اِينيَس جي لادينيت کي ۽ ڪجهه فريبڪاريءَ سان نفرت جي نگاهه سان ئي ڏٺو. سندن پڪو عقيدو هو، خبر ناهي مقدس ڪتابن جي حوالن ذريعي يا هونئن ئي، ته پٽ ٻي سڃي تخليق ڪان مختلف هو پر پنهنجي پيءُ سان بلڪل هوبهو واري مشابهت رکندو هو. پر اُنهن ان ڳالهه کان انڪار ئي ڪيو ته هو يا ته ساڳي يا ان جهڙي عنصر منجهان هو. ڪڏهن ته جرئت منجهان پنهنجي اختلاف کي جائز ئي سمجهيائون ته ڪڏهن وري عنصر يا جوهر جي لفظ جي استعمال تي ۽ ڪين اعتراض هو، جنهن مان بهرحال صاف مطلب اهو ٿو نڪري ته معبود بلڪل يڪانو. ٻين کان نمايان ۽ بلڪل منفرد آهي. جنهن فرقي هڪ جهڙي جوهر يا عنصر جي اصولن کي مڃيو ئي، ان جا پوئلڳ تمام گهٽا هيا ۽ ايشيا جي صوبن ۾ ته هيڪاري وڌيڪ هيا ۽ جڏهن سيلوشيا ۾[70] ٻنهي ڌرين جا ليڊر هڪ ٻئي سان مليا ته اُنهن جي راءِ کي اڪثريت جي حمايت حاصل هئي يعني هو تعداد ۾ هڪ سؤ پنج هيا جڏهن ته مخالفت ۾ فقط ٽيتاليهه بشپ هيا. هڪ يوناني لفظ اهڙو چونڊيو ويو هو جيڪو هڪ جهڙائيءَ جي پراسرار مشابهت بيان ڪرڻ لاءِ بيحد موزون هو ۽ جيڪو ڪٽر مذهبي ماڻهن جي نشانيءَ سان ۽ مطابقت رکندڙ هو جو هر دؤر جي بي ادب ۽ گستاخ ماڻهن، ان موضوع تي ٽيل سخت بحثن مباحثن تي خوب ٺٽوليون ڪيون آهن جيئن هومُوسيَن جي ٻن ساڳين لفظن جي ٽوري گهٽي ڦيرڦار تي ۽ گهٽي ڏي-وٽ ٿي آهي. جيئن اهو اکر ڪري ٽيندو آهي ته ساڳين آوازن ۽ حرفن وارا اکر يا لفظ جيڪي پاڻ ۾ گهٽي هڪ جهڙائي رکندا آهن، ته اتفاقي طور تي اُهي مختلف خيالن يا معنائن وارا هوندا آهن؛ پرجي اهو ممڪن هجي ها ته اڏو گابرن ۽ اٽپورن ڪنٽولڪن جي وچ ۾ جيڪڏهن سچي ۽ مانائتي تشبيهه ۽ فرق جي اندازي ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ها ته پوءِ هي مشاهدو خود بخود فضول ۽ اجايو لڳي ها. پئائيٽرس جي بشپ، جيڪو جڏهن فرجيا ۾ ملڪ نيڪاليءَ جا ڏينهن ڪاڻي رهيو هو، مختلف پارٽين کي گڏجي ڪر ڪرڻ جي تجويز ڏني هئي ۽ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته جيڪڏهن هومُوسيَن جي اصلي، سچي ۽ نيڪ

نيتي واري تشريح ڪئي وڃي تہ اُها آخرڪار ٽن يا تثليث واري معمي تي وڃي دنگ ڪري ها.[71] ان جي باوجود هو تسليم ٿو ڪري تہ لفظ بيحد ئي مشڪوڪ ۽ اونداهو آهي ۽ اُئين ٿو لڳي تہ اونداهي ۾ مذهبي جهگڙن لاءِ ساز گار هئي. اڏو گابرن آريَنس، جيڪي وڏندا وڏندا ڪليسا جي درن تائين وڃي پهتا هيا، سخت غصي ۽ ڪاوڙ منجهان مٿن حملو ڪري ڏنو.

مصر ۽ ايشيا جي صوبن، جن يونانين جي هولي ۽ طور طريقن کي اڃا بہ اڳتي ٿي وڌايو، آريَن تضادن ۽ اختلافن جي زهر کي پنهنجي اندر ۾ اوتي ڇڏيو هو. افلاطوني سرشتي جي ڄاتل سڃاتل تعليم، هڪ اجايو ۽ دليل بازيءَ وارو ظاهري ڍڪ، فراخدلي ۽ لچڪيدار طرز جي انداز - بيان وغيره مشرق جي پادرين توڙي عام ماڻهن کي لفظن جو بيشمار خزانو توڙي ٻيا اعزاز عطا ڪري ڇڏيا. ۽ بحثن مباحثن جي سخت گرما گرميءَ دوران اُنهن شڪ يا گمان کي وساري ڇڏيو هو جنهن واسطي فلسفو سفارش ڪري ٿو تہ ساڳي وقت عجز ۽ انڪساريءَ کي بہ ڇڏي ڏنو هو جنهن لاءِ وري مذهب سخت تاڪيد ڪيو آهي. مغرب جا رهواسي، گهٽي اونهي جستجو نہ ڪندا هيا. اڻ ڏٺل يا اڻ سڃاتل شيون سندن جذبن يا خيالن کي جلد قائل نہ ڪري سگهنديون هيون. سندن ڪليسا بہ اهڙين ڳالهين کان بيخبر هوندي هئي انڪري ماڻهو پنهنجي ’منهن مست مگن رهندا هيا ۽ هلئري خود جنرل ڪائونسل ۾ ٽيهن سالن جي عرصي گذرڻ کانپوءِ بہ ڇڻ نائسين جي مذهبي عقيدي لاءِ نئون ۽ ڌاريو هو.[72] خدائي علم جا ڪڙا ترجمن جي مشڪوڪ ۽ اڻچٽن وسيلن ذريعي لاطينين وٽ پهتا هيا. سندن پنهنجي ۽ مقامي هوليءَ ۾ زياده خوبي ۽ وسعت ڪانہ هئي پر ڪين پوءِ بہ ان تي غرور ۽ هَٺ گهٽو هو توڙي جو اُها ان قابل هرگز نہ هئي تہ يوناني هوليءَ جا هڪ جهڙا لفظ پاڻ وٽ پيش ڪري سگهي ۽ افلاطون جي فلسفي[73] کي اُنهن سان بيان ڪري سگهي، ڇو تہ اُنهن خاص لفظن ذريعي عيسائي مذهب جي تشريح ڪئي ويندي هئي ڇاڪاڻ تہ اُنهن کي مقدس ڪتابن توڙي ڪليسا ۾ محفوظ ڪيو ويو هو. تنهنڪري ان ڳالهہ جو گهٽو امڪان هو تہ لفظن جو غلط استعمال، لاطيني مذهبي علم جي تشريح ۾ غلطين ۽ مونجهارن جا انبار لڳائي ڇڏي.[74] پر جيئن تہ مغربي ڳوٺاڻن ۽ صوبن جي ماڻهن جي خوش قسمتي هئي جو سندن مذهب بنياد پرستن وٽان نِج حالت ۾ ڪين مليو هو جنهن کي هنن پنهنجين لڳاتار محنتن ۽ جذبن سان محفوظ بہ ڪري ڇڏيو هو تہ فرمانبرداريءَ منجهان قبول پڻ ڪيو هو ۽ جڏهن آريَن جا وبائي مرضَ سندن سرحدن تائين پهچي ويا تہ هنن روم جي مڪيہ بشپ جي پيءُ واري شفقت ۽ مهرباني ذريعي هومُوسين (ساڳئي روح) جي محفوظ ٽيل خزاني منجهان ڪجهہ برڪتون سندن حوالي ڪيون. ڪين پنهنجن جذبن ۽ طبيعتن جي پوري اظهار ڪرڻ جو موقعو رِمني جي ڪائونسل جي اجلاس ۾ مليو جنهن ۾ نائيسيا جي ڪائونسل جي مقابلي ۾ تمام گهٽا ماڻهو شريڪ ٿيا ڇاڪاڻ تہ ان ۾ اٽلي، آفريڪا، اسپين، گال، برطانيہ ۽ اليريڪم جي ڇٽن سوَن کان بہ وڌيڪ بشپن شرڪت ڪئي. جيڪي شروعاتي بحث مباحثا ٿيا اُنهن مان اهو معلوم ٿيو تہ فقط اَسي کن بشپ پنهنجي پارٽيءَ سان سچا هيا. جيتوڻيڪ اُنهن ظاهري طرح ڏونگ ڪندي آريَس جي نالي توڙي ياد جو خراب لفظن ۾ ذڪر ٿي ڪيو ۽ مٿس ڦِٽ لعنت بہ وڌائون ٿي. پر نيڇائيءَ جي هن احساس جو ازالو ڇاڻ، تجربي ۽ نظم ۽ ضبط جي دولت ذريعي ڪيو ويو جيڪا وٽن هئي ۽ ماڻهن جي ٽورڙائيءَ جي رهبري اِليريڪم جي بن بشپن وٽلنس ۽ ارسٽيَس ٿي ڪئي جن پنهنجيون زندگيون ڪورٽن ۽ ڪائونسلن

جي سازشن ۾ بسر ڪري ڇڏيون هيون ۽ جن مشرق جي مذهبي جنگين ۾ يوسيبيَس جي جهندي هيٺ سِکيا حاصل ڪئي هئي، پنهنجن دليلن ۽ ڳالهين ٻولهين سان اُنهن بين کي پريشان ۽ منجهن مونجهارا ۽ الجهنون ٽي پيدا ڪيون ۽ آخر ۾ انهن فريبڪاريءَ جي چالن سان لاطيني بشپن جي سادگيءَ سان دوکو ڪيو. جن عقيدي جي آڙ ۾ ڪليل غنڊا گرديءَ جي بجاءِ مڪر ۽ انڪساريءَ وارين چالن ذريعي کين مات ڏني. رِمني جي ڪائونسل کي تيستائين جدا ٽيڙ نہ ڏنو ويو جيستائين ان جي ميمبرن اُپهرائيءَ مان هڪ اهڙو عقيدو اختيار ڪيو جيڪو گهٽو ٿي عيبن هاڻو هو ۽ جنهن تي اعتراض پڻ ڪيا ويا هيا ۽ جنهن ۾ "ساڳئي روح" جي دائري ۾ ڪجهه اهڙا افقرا پڻ داخل ڪيا ويا هيا جن مان فرقيواريت جي پوءِ اڇي رهي هئي. اهو ساڳيوئي موقعو هيو جنهن لاءِ جيروم جي راءِ موجب، سڄي دنيا ٽڏهن حيرت ۾ پئجي وئي هئي جڏهن کين محسوس ٿيو تہ واقعي ڇڙ پورو جهان آرين ٽي ويو هو.[75] پر لاطيني صوبن جا بشپ جيئن ٿي پنهنجن پنهنجن ضلعن ۾ پهتا تہ فورن کين پنهنجين غلطين جو احساس ٿيو ۽ پنهنجي ڪمزوريءَ تي خوب پڇتايائون. جيڪا هنن اڳ بيعزتيءَ واري آڻ مڃي هئي ان کي سخت ڪاوڙ ۽ نفرت منجهان رد ڪيو ويو ۽ هوموسيَن جي جهندي، جنهن ٽورو گهٽو لوڏو تہ ڪاڏو هو پر اڃا تائين ان کي پنهنجي جڳهه تان اکاڙيو نہ ويو هو. کي ٻيهر مغرب جي ڪليسائن ۾ مضبوطيءَ سان لڳايو ويو.[76]

مذهبي جهيڙن جهڳڙن جي اُپرڀ، سندن واڌاري ۽ فطري هنگامن ۽ انقلابن جو ڪانسٽئنٽائن ۽ سندس پٽن جي دؤر ۾ اهو ۽ اهڙو حال هو جنهن پوري عيسائيت جي امن ۽ سڪون کي برباد ڪري ڇڏيو هو. پر جيئن تہ اُنهن شهنشاهن مذهب توڙي پنهنجي رعيت جي ماٺهن جي زندگين ۽ سندن نصيبن جي ٻيٽ ۾، پنهنجي آمريت کي وڌيڪ فوقيت ڏني هئي، سندن وڻڻ جو وزن ڪڏهن ڪليسا طرف هليو ويندو هو ۽ پوءِ جنت جي بادشاهه جا حق ٽيندا هيا، يا بدلبا هيا، يا اُنهن ۾ ٽوري گهٽي قيرڦار ٽيندي هئي پر اهو فيصلو زمين جي حاڪر جي وزارت ۾ ٽيندو هو.

فتني ۽ فساد جو اهو ماحول بدقسمتيءَ سان اوپر جي صوبن ۾ پيدا ٿي ويو هو جنهن ڪانسٽئنٽائن جي فخر ۽ مٿيرائيءَ کي ڪافي ڏَڪ رسايو هو. پر شهنشاهه جهڳڙي جي ان منظر نامي کي ڪجهه غرضي لاءِ جاچيندو ۽ ڏيرج ۽ ڪجهه لاپرواهيءَ سان ڏسندو رهيو. جيئن تہ هو مذهبي فرقن جي جهڳڙن کي ختم ڪرائڻ جا گُرَ اڃا نہ ڄاڻندو هو، تنهنڪري هن سڀني لاڳاپيل ڌرين ڏي هڪ اعتدال پسنديءَ وارو خط[77] لکيو جنهن کي پوري اعتماد سان هڪ اڻ پڙهيل سپاهي ۽ مدبر جي تحرير چئي سگهجي ٿي ۽ جيڪا سندس پادرين ۽ صلاحڪارن کان گهٽي مٿاهين هئي، هو مڃني اختلافن جي شروعات جو سبب هڪ معمولي ۽ سنجيدو سوال ڄاڻائي تہ جيڪو هڪ نہ سمجهه ۾ ايندڙ قانوني نقطي سان تعلق رکندڙ هيو. جيڪو هڪ بشپ وڏي حماقت منجهان پچيو هو ۽ جنهن کي بيوقوفيءَ مان وري نائب بشپ حل ڪيو هو. هو ان ڳالهه تي افسوس جو اظهار تہ ڪري تہ عيسائي جن جو خدا بہ ساڳيو هو، مذهب بہ ساڳيو هو، ۽ عبادت بہ ساڳي هئي ۽ پوءِ بہ اُهي ننڍين ننڍين ڳالهين تي هڪ ٻئي کان جدا ۽ پري ٿي وڃن ٿا، تنهنڪري هو اليگزنڈريا جي عيسائي مذهبي ماٺهن کي يوناني فيلسوفن جو مثال تہ ڏئي تہ ڪيئن نہ اُهي هڪ ٻئي سان زوردرار بحث مباحثا ڪندا آهن پر پنهنجين طبيعتن ۽ مزاجن کي ڏڙو رکندا آهن ۽ پنهنجي آزاديءَ جي حفاظت ڪندا آهن ۽ پنهنجي دوستي ۽ تعلقاتن تي حرف نہ اچڻ ڏيندا آهن. شهنشاهه جي نفرت ۽ ڪاوڙ شايد جهڳڙي کي ختم ڪرائڻ ۽

ڏرين کي ماڻ ڪرائڻ لاءِ ڪافي هجي ها. جيڪڏهن ان وقت جو ماحول تورو ڏرائيءَ ۽ سستي دوران پنهنجي طبيعت کي بہ ضبط ۽ اعتدال ۾ رکي ها. پر سندس ڪليسائي وزيرن جلدئي مئجسٽريٽ جي غيرجانبداريءَ کي هرڪائي ڇڏيو ۽ نئين مذهب اختيار ڪندڙ جي جوش کي پڻ جاڳائي ڇڏيو. سندس ڪاوڙ تڏهن سيڻي ليکا لتاڙي وئي جڏهن ڪان ماڻهن جي سچين توڙي مصنوعي شرپسندين باعث هو خبردار ۽ محتاط ٿي ويو هو. تنهنڪري هن امن ۽ سهپ جي فضا قائم ڪرڻ جي اُميدِ ئي ختر ڪري ڇڏي ۽ اُنهي لمحي سندس حڪر ٿي ٿي سؤ پادرين کي محلات ۾ هڪڙي جڳهه تي گڏ ڪيو ويو. حاڪر جي پنهنجي ذاتي موجودگيءَ سبب بحث جو دائرو وسيع ڪيو ويو ۽ سندس ڏيان ۽ غور ڪرڻ سبب دليل بہ وڌندا ويا ۽ شهنشاهہ پنهنجي صبر جي جرئتمنديءَ کي قائم رکيو جنهن سبب متضاد ڏرين جي همت کي بہ حوصلو ملندو رهيو. ڪانسٽئنٽائن جي دانشمندي ۽ فصاحت بلاغت تي کيس داد ملڻ جي باوجود،[78] هڪ رومي جنرل، جنهن جو مذهب بہ ايا تائين مشڪوڪ هو ۽ جنهن جو دماغ بہ، هن وقت تائين نہ تہ علم جي مطالعي سان روشن ۽ نہ وري ڪنهن کان متاثر ٿيو هو. عجيب طرح سان بحث ۾ ڪڏهن ڪاهي پيو ۽ يوناني زبان ۾ هڪ مابعدالطبيعاتي ۽ پوءِ هڪ عقيدي جي سوال تي بحث ڪيائين، پر سندس پسنديده شخصيت اوسيس، جنهن نائيسيا جي ڪائونسل جي صدارت ڪئي هئي، شايد شهنشاهہ کي ڪٽر پارٽيءَ جي حق ۾ ڪري ڇڏي ۽ هڪ ترغيب تہ ساڳيو نڪوميڊيا جو يوسيبيس، جنهن هاڻي منڪرن جي حفاظت ٿي ڪئي، ۽ جنهن بعد ۾ آمر جي مدد ڪئي هئي،*[79] سندن مخالفن خلاف ممڪن هو تہ ڪيس چيڙائي ڇڏي. نائسين جي مذهب کي ڪانسٽئنٽائن منظور ڪيو هو ۽ سندس پڪي اعلان تہ اُهي جيڪي ڪائونسل جي خدائي فيصلي جي مخالفت ڪندا تہ اُهي ملڪ نيڪاليءَ لاءِ پاڻ کي تيار رکن. ڪمزور مخالفت جي پڻ پڻ کي ختر ڪيو. ان حد تائين جو سترهن مخالفن مان هاڻي فقط ٻہ احتجاج ڪندڙ بشپ وڃي بچيا هيا. سزئريا جي يوسيبيس هوموسينَ لاءِ[80] پنهنجي بيدليءَ، مشڪوڪ ۽ مجبوريءَ واري مرضي جو اظها ڪيو ۽ نڪوميڊيا جي يوسيبيس جو ڪڏهن تولي. ڪڏهن ماسي وارو ڪردار. سندس ذلت ۽ ملڪ نيڪاليءَ کي فقط تن مهينن تائين اينگهائي سگهيو.[81] بيدين آريس کي اِليريڪر جي ڏورانهن صوبن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ملڪ بدر ڪيو ويو. سندس ذات ۽ هنجي پوئلڳن کي قانون جي ذريعي پورفيريَنس جهڙي نفرت واري نالي سان منسوب ڪيو ويو. سندس تحريرن جو اعلان ڪيو ويو جيڪي اهڙن ملڪ نيڪالي ڏنل ماڻهن کي اجهو ڏيندا يا جن وٽان اُهي ڳولڻ تي لڌا ويندا. شهنشاهہ هاڻي اختلافن جي بنيادي سببن کي سمجهي ويو هو ۽ سندس فرمانن جو ناراضگي ۽ طنز وارو نمونو فقط ان لاءِ هيو تہ جيئن هو حضرت عيسيٰ (ع‌س) جي دشمنن خلاف پنهنجي رعيت جي ماڻهن ۾ اُنهن خلاف سخت نفرت اُپاري سگهي.[82]

پر. ائين ٿي محسوس ٿيو تہ شهنشاهہ جي روين جي رهبري اصولن جي بجاءِ سندس جذبن ٿي ڪئي. نائيسيا جي ڪائونسل جي اجلاس کي ٿي سال مَس گذريا هيا تہ انکان بہ اڃ ۾ هڪ اهڙي فرقي لاءِ سندس دل ۾ نہ فقط رحم ۾ شفقت جو جذبو پيدا ٿي پيو جن لاءِ سندن نالا موت جي سزا جي رجسٽر ۾ لکيا ويا هيا ۽ جن جي حفاظت سندس پياري پين ڪري رهي هئي. ملڪ نيڪالي ڏنل ماڻهن کي واپس گهرايو ويو ۽ يوسيبيس جيڪو آهستي آهستي ڪانسٽئنٽائن جي دماغ کي متاثر ڪندو ٿي ويو. کي مڪيہ بشپ جو عهدو ڏنو ويو جتان کيس اڃ بيعزتو ڪري

کڍيو ويو هو. آريَس کي پڻ سڃي گهر طرفان عزت ۽ احترام آڇيو ويو جيڪو هونئن هڪ معصوم يا اذيت ڏنل ماڻهوءَ لاءِ وقف هوندو آهي. جبروسلر جي ڪائونسل سندس عقيدي جي تصديق ڪئي ۽ شهنشاهه جهڙوڪر پنهنجي اڳ ۾ ڪيل ناانصافين جو ازالو ڪرڻ لاءِ آتو ٿي نظر آيو. تنهنڪري هن فورن هڪ حڪمنامو جاري ڪيو ته ڪيس عزت سان قسطنطنيہ جي ڪليسا ۾ عيسائي برادريءَ ۾ شامل ڪيو وڃي. جيڪو ڏينهن آريَس جي خوشنوديءَ لاءِ مقرر ڪيو ويو هو، ساڳي ئي ڏينهن تي هو اوچتو فوت ٿي ويو ۽ سندس موت جون اوچتيون ۽ خطرناڪ حالتون شڪن ۽ گمانن کي جنم ڏئي ٿي سگهيون ته عيسائي بزرگن اُهو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو آهي جيڪو سندن عبادتن ذريعي نہ پيو ڪري سگهجي ڇاڪاڻ ته اُنهن ڪليسا کي، سندس وڏي ۾ وڏي دشمن کان هميشہ واسطي ڇوٽڪارو ڏياري ڇڏيو آهي.[83] ڪٽرڪ عيسائين جا ٻي مڪيہ رهبر، اليگزئندريا جي اٿنيسيَس، انٽئڪ جي يوسٽئٿيَس، ۽ قسطنطنيہ جي پال کي مختلف ڪائونسلن جي فيصلن مطابق ڪيترن ئي الزامن ۾، سندن عهدن تان هٽايو ويو ۽ بعد ۾ کين پهريَن عيسائي شهنشاهن طرفان ڏورانهَن صوبن ۾ ملڪ نيڪالي ڏني وئي، جن پنهنجي زندگيءَ جي آخري گهڙين ۾، نڪوميديا جي آريَن بشپ کان پاڪ غسل جون رسمون حاصل ڪيون هيون. ڪانسٽئنٽائن جي ڪليسائي حڪومت کي غير سنجيدگي ۽ انتظامي ڪمزورين کان آجو نٿو ڪوئي سگهجي. پر هين تي پورڙائيءَ مان ويساهه ڪندڙ حاڪم، جيڪو مذهبي جنگين ۽ جهيڙن جي هنرن کان ناواقف هيو، سان فرقي پرستن جي مڪارين ۽ شاندار چالاڪين ذريعي دوکو ڪيو ويو ۽ هو سندن فريبڪارين کي صفا نہ سمجهي سگهيو؛ هڪ طرف هو آريَس کي بچائي رهيو هو ته ٻئي طرف وري اٿنيسيَس کي اذيتون پهچائي رهيو هو. ۽ هو ايا تائين نائيسيا جي ڪائونسل کي عيسائي مذهب جو وڏو تلعو ۽ سندس حڪومت جي دوُر جي شان شوڪت جي علامت سمجهندو هو.[84]

ڪانسٽئنٽائن جي پٽن کي نندپڻ کان ئي يقيني طرح سان عيسائي مذهبي رسمن جي سکيا ڏني وئي هوندي، پر اُنهن پنهنجي پيءُ جي مثال جي ڪاپي ڪندي پاڪ غسل ڪرڻ ۾ دير ڪئي. هن وانگر، هنن بہ پنهنجو فيصلو ڳجهي نموني سان ڪرڻ جو سوچيو هو پر کين ڪڏهن بہ پُراسرار ڳالهين کي اڳتي وڌائڻ جو تجربو ٿي ڪونہ هو،[85] ۽ ٽن يا تثليث جي اختلافن جو معاملو گهٽي ياگي ڪانسٽئنٽيَس تي مدار رکندر هيو جنهن کي اوپر جا صوبا ته ورثي ۾ ملیا هيا باقي سڃي شهنشاهت تي پڻ سندس حڪومت هئي، آرين نائب پادري يا بشپ* جيڪو وڏي رازداريءَ مان مرحوم شهنشاهه جو وصيت نامو پنهنجي خوشنوديءَ لاءِ استعمال ڪرڻ جو خواهشمند هو، هن خوش نصيبيءَ جي موقعي جو پرپور فائدو وٺڻ لاءِ آتو هو ۽ جو جو شهنشاهه سان سندس تعارف محل جي ملازمن، صلاحڪارن ۽ خاص گهٽگهرن ذريعي ڪرايو ويو هو. ڪڏڻ ۽ غلامن ذريعي هن روحاني زهر کي سڃي محلات ۾ ڦهلايو ويو ۽ اهو خطرناڪ وڇڙندڙ اثر نوڪرياڻين کان ٽيندو ڇوڪيدارن تائين پهتو. اُنهن کان راڻيءَ تائين ۽ نيٺ ان جي مڙس تائين پهتو جيڪو مٽس شڪ نہ ڪندو هو.[86] ڪانسٽئنٽيَس سدائين يوسيبيَس جي ماڻهن جي سلسلي ۾ هڪ طرفو هوندو هو ۽ اهو سلسلو سندن ليڊرن جي چالاڪيءَ سبب غير محسوس ٽيندڙ طريقي سان اڳتي وڌندو رهيو ۽ آمر مڪنينٽيَس* تي شهنشاهه طرفان سوپ حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ سندس ويجهڙائيءَ ۾ وڌيڪ اضافو اچي ويو ۽ هاڻي سان ئي آريَن فرقي کي مضبوط بنائڻ لاءِ ڪوششون شروع ٿي ڇڪيون هيون. هڪ طرف بہ فوجي لشڪر مُرسيٰ جي جنگي ميدانن تي هڪ

ٻئي جي آمهون سامهون هيا ۽ ٻن مخالفن جي مقدر جو فيصلو جنگ جي نتيجي تي منحصر هيو. ته ٻي طرف کانسٽنٽائن جو پٽ شهر جي اندر شهيدن جي کليسا ۾ ويهي انتظار جون گهڙيون گذاري رهيو هو. کيس روحاني سکون پهچائيندڙ وئلنس، جيکو ضلعي جو آريَن بشپ هيو، وڏي هوشياري ۽ مکاري سان اهڙو انتظام کيو ته جيئن گهربل خفيه معلومات کيس جلدي ملي وڃي جيکا يا ته شهنشاهه جي مهربانين کي ڏانهس مائل ڪري سگهي يا وري هو پاڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي. پيغام آڻيندڙن جي هڪ تڪڙي ۽ اعتماد واري لڳاتار سلسلي جنگ جي لاهن چاڑهن بابت کيس اطلاع ڏنو. ۽ جڏهن ته درباري پنهنجي مالڪ جي ارد گرد بينا هيا ۽ خوف وچان ڏکي رهيا هيا، وئلنس کيس يقين ڏياريو ته گال جي فوجين آڻ مڃي هئي يا هين لفظن ۾ شڪست کاڌي هئي ۽ پوءِ هوشياريءَ سان وڌيڪ انڪشاف ڪيائين ته اها شاندار خبر هڪ فرشتي کيس مخفي نموني سان ٻڌائي هئي. شهنشاهه شڪر گذاري ڪندي پنهنجي ڪاميابي ۽ فتح کي، مُرسيٰ جي بشپ جي ذهانت ۽ روحاني سفارش جو ڪارنامو سمجهيو جنهن جي عقيدي کي ماڻهن توڙي خدا پاڪ جي منظوري پڻ حاصل هئي.[87] آرين عقيدي جي ماڻهن، ڪانسٽنٽيَس جي فتح کي پنهنجي سوڀ سمجهيو. ۽ سندس شان شوڪت کي سندس پيءُ ڪان وڌيڪ اهميت ڏني.[88] جيروسلم جي بشپ سائرل نورن هڪ بهشتي صليب لاءِ بيان تيار ڪري ورتو جيکا سندس چوڻ موجب هڪ شاندار اندلڪ جيان گول دائري ۾ اڀرو جبل مٿان، ٽيپهريءَ جي وقت پينٽڪاسٽ جي جشن جي موقعي تي ظاهر ٿي هئي ته جيئن عقيدتمند زيارتين ۽ پاڪ شهر جي ماڻهن کي وڌيڪ سڌاري ۽ سنواري سگهجي.[89] صليب جي روشنيءَ جي سائيز کي وقت سر وڌايو ويندو رهيو. ۽ هڪ آرين تاريخدان ته ان حد تائين ان کي وڌائي پيش ڪرڻ جي جرئت ڪئي آهي ته اُها ايتري نمايان ۽ وڏي هئي جيتريون ٻ فوجون پنونيا جي ميدان تي نظر اچن. ۽ ٻيو ته آمر، جنهن کي ڇاڻي ڇڏهي هڪ بت پرست ڇاڻايو ويو آهي، عيسائيت جي عقيدي واري مقدس نشاني جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي پڄي ويو هو.[90]

هڪ انصاف پسند ڏاڙئي ماڻهوءَ جا خيال، جن بابت هن غيرجانبدار نموني سان، شهري ۽ ڪليسائي اختلافن جي باري ۾ تجزيو ڪيو آهي، اسانجو توجه يقينن طلب ڪن ٿا: ۽ اميئينس جي تحرير جو هڪ ننڍو ٽڪرو، جنهن فوجن ۾ رڌيوتي ڏني هئي ۽ ڪانسٽنٽيَس جي ڪردار جو چڱيءَ طرح مطالعو ڪيو هئائين، اسانجي لاءِ مذهبي گارگند کان ڪيئي دفعا وڌيڪ مانائتو ۽ معتبر آهي. "عيسائي مذهب خود، هڪ اعتدال پسند تاريخدان چوي ٿو،" سڌو ۽ سادو آهي، پر وهمن وسوسن جهڙين اجاين حرڪتن سان اُن ۾ مونجهارا پيدا ڪيا ويا آهن. ڏُرين کي پنهنجن اختيارن جي آڌار تي ڪير ڪنڌ ڪرڻ بدران، هن زباني جهيڑن جهڳڙن کي پاڻ پاليو ۽ مشهور ڪيو ۽ اُنهن اختلافن کي اجا وڌيڪ وڌايو جن کي سندس ئي اجائي اڻ تڻ جوش ۾ آندو هو. وڏا شاهي رستا بشپن جي فوجن سان ڀريل هيا جيکي هر طرف کان نچندا ڪڏندا اسيمبلين طرف ٿي ويا جن کي هو ڪائونسلون چوَن ٿا. ۽ جڏهن ته هنن ڪوششون ٿي ڪيون ته سڄي فرقي کي پنهنجن خيالن ۽ نظرين مطابق هلائن، ته فوجي چوڻڪين جي عوامي سطح تي قائم ٿيڻ جي سرشتي کي، سندن، تڪڙين اُبهرئن ۽ بار بار جي مسافرين صفا تباهه ڪري ڇڏيو هو.[91] ڪانسٽنٽيس جي دؤر جي ڪليسائي وهنوارن ۽ طريقن بابت اسانجي وڌيڪ معلومات مٽي ڇاڻايل تحرير جي باري ۾ اسانکي گهٽو ڪجهه ٻڌائي ٿي ۽ جنهن موجب اتنئسيَس جا منطقي گمان پڻ سچا ثابت ٿين ٿا ته سچي مذهب جي جستجو جي سلسلي ۾

مذهبي ماٿهن جي اُڻ تڻ، جيڪي سڄي شهنشاهت ۾ انهي مقصد لاءِ جاکوڙيندا تي رهيا، پر منڪر ۽ لادين سندن جستجو تي نفرت منجهان ڪِلندا ۽ ننڍوليون ڪندا رهيا.[92] جيئن ئي شهنشاهه کي خانه جنگيءَ جي خوفن خطرن مان آزاديءَ جو اطمينان مليو تہ هن سياري جو ڪجهہ عرصو آرلس، مِلن، سِرميَر ۽ قسطنطنيہ ۾ وڃي گذاريو تہ وڃي وِندر وِرونهن ڪري ۽ مذهبي اختلافن کان ڪجهہ ڏينهن سُکون واريون راتيون سُمهي آرام ڪري، پر مئجسٽريٽ توڙي آمر جون ترارون ميادَ مان ٻاهر نڪري آيون تہ مذهبي عالمن جي دليلن کي نافذ ڪيو وڃي، ۽ جيئن تہ هو نائيسيا جي ڪنّر عقيدي جي خلاف هو تہ پوءِ اها ڳالهہ بنادير جي تسليم ڪئي وئي تہ سندس نااهليت توڙي سندس جهالت سندس اندازن جي برابر هيون.[93] ڪڏڻ، عورتن ۽ بشپن، جن جو شهنشاهہ جي فضول ۽ انتهائي ڪمزور دماغ تي قبضو هو، ڪيس هومُوسيَن (ساڻگئي روح) بابت سخت نفرت لاءِ اپاريو هو، پر سندس بزدل ضمير، اِينّيس جي لادينيت سبب وڌيڪ محتاط تي ويو هو. هن دهريي جي ڏوهہ کي بدنصيب گئلَس جي مشڪوڪ حمايت ويتر بگاڙي ڇڏير هو ۽ شاهي وزيرن جي موت جن کي ائنٽئڪ ۾ قتل ڪيو ويو هو، جو الزام بہ هن خطرناڪ فيلسوف تي هو تہ اُهي سندس ئي ترغيب تي قتل ڪيا ويا هيا. ڪانسٽئنٽيس جو دماغ، جنهن کي نہ تہ دليلن سان اعتدال ۾ آڻي پيو سگهجي ۽ نہ وري انکي ڪنهن عقيدي سان وابستہ ڪري پيو سگهجي، بس اڪيون ٻوٽي انڌاري واري اونهي غار ۾ زوريءَ ڌِڪبو تي ويو. ڇو تہ مخالف ڏُر جي مذهبي انتها پسنديءَ جو ڪيس وڌيڪ خطرو هو، تنهنڪري ڪنهن بہ فيصلي تي نہ پهچڻ جي ڪري ڪڏهن ڪنهن عقيدي کي مجيائين تي تہ وري اُنهيءَ گهڙي پنهنجي نظريي تان ڦري تي ويو؛ اهڙيءَ طرح هن ليڊرن کي بہ ڪڏهن ملڪ نيڪالي تي ڏني تہ ڪڏهن وري فوراً اُنهن کي واپس تي گهرايائين جن ۾ آرين ۽ اڏو گابرا آرين فرقا پڻ شامل هيا.[94] عوامي وهنوارن يا جشنن جي موسمن ۾ هو سڄا سارا ڏينهن ۽ راتيون لفظن، اکرن ۽ جُزن جي چونڊ ڪرڻ ۾ مصروف رهندو هو جيڪي سندس بدلجندڙ عقيدن لاءِ موزون هوندا هيا. سندس غور ۽ فڪر ڪرڻ جو عمل بہ جاري هو جنهن سندس ننڊن کي حرام ڪري ڇڏيو هو، سندس ٻڙيل وکريل خوابن کي بہ جنت جي نظارن سان پيٽيو ويندو هو، هن اهڙن ڪليسا جي رکوالن کان پاڻ تي "بشپن جو بشپ" جهڙو مٺاهون لقب آساني سان قبول ڪري ورتو، جن پنهنجي مطلب تارڻ لاءِ پنهنجن رتبن جي ننڍ - وڏائيءَ کي بہ وساري ڇڏيو هو، اصولن ۽ قانونن جي هڪ جهڙائيءَ کي قائم ڪرڻ جي تجويز، جنهن کيس ڪافي رُڌل رکيو هو تہ جيئن هو گال، ائلي، اِليريڪم ۽ ايشيا ۾ مختلف ڪائونسلن جا اجلاس سڏرائي، سندس ئي طبيعت جي اُبهرائي، آريَنس جي اختلافن ۽ ڪئٿولڪس جي مخالفت سبب، بار بار ناڪام ٿيندي رهي، ۽ نيٺ هن آخري ڪوشش طور، آمراڻي طريقي سان جنرل ڪائونسل جي فيصلن تي پنهنجي حڪر کي فوقيت ڏني، نڪوميڊيا جي تباهي آڻيندڙ زلزلي، اجلاسن لاءِ مناسب جڳهہ جي چونڊ ڪرڻ جي مشڪلاتن، ۽ حڪومتي پاليسيءَ جي ڪجهہ مخفي معاملن سبب، اجلاس ڪونائڻ ۾ ڪجهہ تبديليون آنديون. اوپر جي بشپن کي حڪر ڏنو ويو تہ هو سلوشيا ۽ اِسوريا ۾ گڏجاڻيون ڪن، ۽ اولهہ وارن کي، ائدرئنڪ سمنڊ جي ڪناري تي رِمني ۾ ملڻ جو حڪر ڏنو ويو، ۽، هر صوبي منجهان ٻن يا ٽن نائبن جي بجاءِ، سمورن پادرين کي شريڪ ٿيڻ جو پابند بنايو ويو. اوپر وارن خِطن جي ڪائونسل، چئن ڏينهن جي گرما گرميءَ جي بحثن مباحثن ۽ لاحاصل دليلن ڪانپوءِ، ڪنهن بہ خاص يا مناسب نتيجي تي پهچڻ ڪانسواءِ ئي ختر تي وئي. اولهہ واري محافظن جي مُنهندار

ٿيوڊوسس کي هدايتون ڏنيون ويون ته تيستائين مکيہ پادرين کي پنهنجي منصب تان نہ هٽائي جيستائين اُهي سپيئي کنهن بہ هڪڙي راءِ تي اتفاق ڪِن ۽ سندس ڪوششن کي ان وقت وڏي هٿي ملي جڏهن پندرهن بيحد ضدي پادرين کي ملڪ نيڪالي ڏيڻ جا اختيار کيس ڏنا ويا ۽ هـ وڏي سفارتي عهدي ڏيڻ جو بہ ساٿس واعدو ڪيو ويو پر شرط اهو هو ته هُو پنهنجي سؤنپيل ڏڪئي ڪر کي ڪاميابيءَ سان پورو ڪري ڏيکاري. سندس التجائون توڙي ڏڙڪا، حاڪر جا اختيار، وٹلنس ۽ اُرسئيس جي دانشمندي، سخت تڏ ۽ ٻُکن جون تڪليفون ۽ هڪ ڏڳهي ملڪ بدري جي نااُميدي ۽ مجبوريءَ آخر ڪار رِمني جي بشپن کان گهربل رضامندي حاصل ڪري ورتي، مشرق ۽ مغرب جي نائبن قسطنطنيہ جي محل ۾ شهنشاهہ جي حاضري ڏني ۽ هنن ان ڳالهہ تي خوشي ۽ اطمينان جو اظاهر ڪيو هو جيڪو "مشابهت ۽ هڪ جهڙائيءَ" کي پوريءَ طرح ثابت ٿو ڪري جنهن ۾ خدا جي پٽ بابت " ٽِن جي ليکي" جي اظهار جي ضرورت ئي نٿي پوي.[95] پر آرين فرقي جي سوپ کان اڳ هڪ بنياد پرست مذهبي شخصيت کي پنهنجي عهدي تان هٽايو ويو هو، جنهن لاءِ اهو بلڪل ناممڪن هو ته کيس کنهن طرح ڏيڇاري ۽ هيسائي سگهجي يا کيس اخلاقي لحاظ کان بگاڙي سگهجي، تنهنڪري ڪانسٽئنٽيس جو دؤر، عظيم اٿنسيس کي ناجائز اذيتن پهچائڻ ۽ کيس تڪليفن ۾ مبتلا ڪرڻ سبب بيعزتو ۽ داغدار ٿي ويو.

اسانکي پنهنجي روزاني معمول واري توڙي فرضي زندگيءَ ۾ ان مشاهدي ڪرڻ جو مشڪل سان موقعو مليو آهي ته اڪيلي دماغ جي سوچ جي طاقت جا ڪهڙا اثر بين تي پوَن ٿا يا ان سوچ ۾ ڪهڙيون رڪاوٽون وچ ۾ پوَن ٿيون، جڏهن اُهو بغير ڪنهن لڇڪ جي ڪنهن هڪڙي مقصد کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهي ٿو. اٿنسيس جي لافاني نالي*[96] کي ٽِن يا تثليث جي ڪٹولڪ عقيدي کان هرگز جدا نٿو ڪري سگهجي ڇو ته هن پنهنجي زندگي جي هر گهڙي ۽ ذهن جي هر سوچ، ان اصول جي دفاع خاطر ارپي ڇڏي هئي. سڪندر جي خاندان ۾ هن تعليم حاصل ڪئي هئي، هن آرين طبقي جي دين کان گمراهي واري روَش جي سخت مخالفت ڪئي هئي، هڪ بزرگ چيف بشپ جي سيڪريٽري طور بہ هن پنهنجون خدمتون ڪيون هيون، ۽ نائسين ڪائونسل جي وڏڻ، حيرت ۽ عزت مان اهو محسوس ٿي ڪيو ته نندي راهب جا اخلاق ڪيڏا نہ وٹندڙ ۽ مانائتا هئا. جڏهن ملڪ جا ماٿهو کنهن سخت خطري منجهان گذرندا آهن ته ان وقت عمر يا رتبن جي حيثيت جي ڪا معنيٰ نہ رهندي آهي، ۽ نائيسيا کان سندس واپسي جي پنجن مهينن کانپوءِ، راهب اٿنسيس کي مصر جي پادريت جي تمام اهر تخت تي ويهاريو ويو هو. هو ان مٿاهين مقام تي ڇائيتاليهن سال تائين رهيو ۽ سندس ڏڳهي انتظامي سفر ۾ هو آرين فرقي خلاف مسلسل جنگ کندو رهيو. اٿنسيس کي پنج دفعا سندس تخت تان هٽايو ويو هو ۽ ويهن سال تائين کيس ملڪ بدر پڻ ڪيو ويو هو جتي هو اڪيلو در بدر ڦرندو رهيو. توڙي جو رومي شهنشاهت جو هر صوبو سندس لياقتن جو توڙي هوءُسين (روحاني ايکي) جي مقصد حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ کيس پهتل تڪليفن جو عيني شاهد هو، جنهن کي هو پنهنجي زندگيءَ جي واحد خوشي، ڏينڌو ۽ پنهنجو شان مان سمجهندو هو. اذيتن جي پيانڪ طوفانن ۾ پي اليگزئنڊريا جو مکيہ بشپ تڪليفن ۾ صبر ڪندڙ، شهرت کان پري پڇندڙ ۽ پنهنجي حفاظت کان بنهہ بيپرواهہ هو توڙي جو سندس ذهن ڪجهہ جوش ۽ جنون طرف مائل هو، پر اٿنسيس پنهنجي عظيم ڪردار ۽ لياقتن جو تعريف لائق مظاهرو ڪيو ۽

منجهس ايتريون تہ اوچيون خاصيتون هيون جيڪي يقيني طور تي، ڪانسٽنٽائن جهڙي بگڙيل ۽ بدڪردار جي پيٽ ۾، ڪيس هزار پيرا وڌيڪ هڪ وڏي بادشاهت کي سهڻي نموني سان هلائڻ جي لائق ٿي بڻايو. سندس علم جي وسعت سڙيا جي يوسيبيس کان گهڻي گهٽ هئي ۽ هنجي بيباڪ فصاحت بلاغت گريگري يا باسل جي بيان جي نرم ۽ نفيس انداز جي مقابلي ڪري جهڙي نہ هئي، پر جڏهن بہ مصر جي وڏي بشپ کي پنهنجن جذبن جي اظهار لاءِ يا پنهنجي ڪردار جي وضاحت لاءِ سڏيو ويندو هو تہ ڪنهن بہ اڳواڻ تياري نہ هوندي ہو، تقرير توڙي تحرير ۾ ڪمال ڪري ڇڏيندو هو. پنهنجي بيان ۾ صاف ۽ واضح، زوردار ۽ بااعتماد هوندو هو. مذهبي اسڪولن ۾ ڪيس وڏي عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏٺو ويندو هو ۽ ڪيس عيسائي مذهبي ڇاڻ جو وڏي ۾ وڏو عالم مڃيو ويندو هو، ونس بہ لاديني سائنسي علم پڙهندا هيا جيڪي پادريت وارن رويّن سان مطابقت رکندڙ نہ هيا ۽ اُهي قانون جي علم[97] ۽ اڳڪٿي يا پيشنگوين جي علم[98] طور ڇاتا ويندا هيا. ايندڙ وقت جي باري ۾ ڪجهہ خوش قسمتيءَ جا اندازا، ڪن غير جانبدار دليل ڏيندڙن طرفان اتنسيس جي تجربي ڏانهن منسوب ڪيل آهن، سي حقيقت ۾ سندس دوستن طرفان قدرتي ۽ بهشتي اتساهہ ڏانهن منسوب ڪيا ويا هيا جن کي وري سندس دشمنن دوزخي جادو جو ٻهتان مٿس مڙهيو هو.

پر جيئن تہ اتنسيس هر قسم ۽ طرح طرح جي ماڻهن جي تعصبن ۽ جذبن سان توڙي ٻاوَن کان وٺي شهنشاهہ تائين، تمام ويجهائيءَ سان لاڳاپيل هو تہ ان صورتحال ۾ انساني فطرت جي ڇاڻ سندس پهريون ۽ اهم ترين شعبو هو جنهن ۾ سندس زياده دلچسپي هئي. هن اُن نظاري کي جيئن جوتيئن ۽ تمام نمايان طريقي سان محفوظ ڪري ڇڏيو هو جيڪو لاڳيتو منجي رهيو هو. ۽ اُنهن فيصلائتين گهڙين کي بهتر ڪرڻ ۾ بہ ناڪام نہ ويو هو جيڪي عام اکين کي پسبجڻ کان اڳ ۾ ئي اهڙي ماضي جو حصو ٿي چڪيون هيون جيڪو واپس نہ ورٽو هو. اليگزئنڊريا جو وڏو بشپ ان فرق کي پُرجهڻ ۽ پروڙڻ جي پوريءَ طرح صلاحيت رکندو هيو تہ هو ڪيتري حد تائين جرئت سان حڪم هلائي پئي سگهيو يا ڪٿي ڪيس هوشياريءَ سان ڪي ڳالهيون اشارن ۾ چوڻ گهرجن، اختيارن ۽ طاقت سان هو ڪيتري حد تائين مقابلو ڪري پئي سگهيو ۽ ڪڏهن ڪيس اذيتن ۽ تڪليفن جي ماحول کان جند ڇڏائڻ گهرجي. ۽ جڏهن تہ هن ڪليسا ۾ ٻڌجندڙ لاديٺيت ۽ فتنن جي ڳجهوڙن خلاف هڪ محافظ جون هدايتون ٿي ڏنيون، تہ ساڳي وقت هن پنهنجي پارٽي جي اندر، هڪ دوراندیش ليڈر جو ڪردار ادا ٿي ڪيو جنهن ۾ طبيعت جي نرمي ۽ لچڪ بہ هجي تہ ساڳي وقت هڪ شفيق ۽ مهربان پڻ هجي. اتنسيس جي اليڪشن البت ڏانڊلي‌ءَ جي الزامن کان آجي نہ رهي آهي،[99] پر سندس ڪردار ۽ روَيي، مذهبي ماڻهن توڙي عوام کي اڳي کان بہ سندس وڏيڪ ويجهو آندو ۽ سندن احترام ۾ ڪا ڪمي نہ آئي هئي. اليگزئنڊريا جا ماڻهو هٿيار ڪٽي سندس حفاظت ڪرڻ لاءِ بيچين هيا جنهن کي هو پنهنجو مرشد ڪري مڃيندا هئا ۽ جنهنجو تقرير ڪرڻ ۾ ڪومٽ يا ٿاني ڪو نہ هو. جڏهن هو غمگين ٿيندو هو تہ پنهنجن ٽي مذهبي سائين منجهان ڪيس همت، حوصلو ۽ اطمينان حاصل ٿيندو هو ۽ مصر جي هڪ سؤ پادرين وڏي جوش ۽ جذبي سان عهد ڪيو تہ هو اتنسيس جي مُهر ۽ مقصد سان سچا آهن ۽ دائمي رهندا. تمام ٿورا ۽ سادگي وارا ٽپڙ ٽاڙي ڪٽي، جيڪي فخر ۽ پاليسي مطابق هجن، هو اڪثر ڪري پادريت جي پرچار لاءِ صوبن ۾ هليو ويندو هو ۽ اهو سفر نيل ندي جي مُهڙ کان ويندي حبش جي حدن تائين هوندو هو ۽ رستي ويندي هو عام ماڻهن جي گهٽ ۾ گهٽ طبقي وارن سان بہ

خوش خلقيءَ سان وڃي ملندو هو ۽ سندن آڏر پاءُ ڪندو هو. ۽ بيابانن جي سنياسين، درويشن، ساڌُن ۽ بزرگن جو عجز ۽ انڪساريءَ مان سلام وڃي پريندو هو.[100] سندس اهڙو تعريف لائق روَيو فقط ڪليسائي ميڙن تائين محدود نہ هوندو هو. پر ماٹھن منجھ جن جي تعليم ۽ تربيت سندس مزاج سان ملندڙ جلندڙ هئي تہ هو اُنهن سان ذهني مطابقت رکندي مِلي جُلي سندن دوست ٿي ويندو هو. هو جڏهن شهنشاهن وٽ حاضري ڀرڻ ويندو هو هو تہ پنهنجي عزت پريئي عزم تي قائم رهندو هو ۽ قسمت جي لاهن چاڑهن ۾. توڙي پاڻ بخت يا ڏکين وقتن ۾. هن ڪڏهن بہ دوستن جي اعتماد ۽ دشمنن طرفان سندس عزت کي نہ ڪڏهن گنوايو ۽ نہ وري وڃايو هو.

جواني ۾، مصر جي وڏي بشپ وڏي ڪانسٽنٽائن سان مهاڏو انڪايو هو. جنهن بار بار پنهنجي خواهش جو اظهار ڪيو هو تہ آريَس کي ڪٿولڪ برادريءَ ۾ شامل ڪيو وڃي،[101] ۽ اُهو طبقو جنهن اٿنسيَس کي پنهنجو ڪٽر دشمن ٿي سمجهيو. مجبور ٿي پنهنجي نفرت کي مڪاريءَ سان لڪايو ۽ چپ چاپ ۾ هڪ اڻ سڌي ۽ پري کان مٹس حملي ڪرڻ جي سازش ۾ لڳي ويا. اُنهن طرح طرح جا افواهه ۽ شڪ گمانَ پکيڙڻ شروع ڪيا. وڏي پادريءَ کي مغرور ۽ ماٹھن کي ايذاءَ رسائيندڙ آمر ڪري پيش ڪيو ويو ۽ ڪُليو ڪلايو مٹس الزام هنيائون تہ هن هڪ اهڙي صلحنامي يا دستاويز جي پيڪڙي ڪئي هئي جنهن کي نائسين ڪائونسل ۾ منظور ڪيو ويو هو جنهن ۾ مليٽيَس[102] جي فرقي پرست جماعت جا پوئلڳ پڻ شامل هيا. اٿنسيَس واضح طور تي اُن بيعزتي واري صلحنامي کي رد ڪيو هو ۽ شهنشاهه اهو سمجهيو هو تہ هن پنهنجن ڪليسائي توڙي شهري اختيارن جو ناجائز فائدو ورتو هو ۽ نفرت جهڙن فرقي پرستن کي اذيتون پهچايون هيون. ۽ بيحرمتي ڪندي ميروٽس جي هڪ ڪليسا ۾ هن هڪ شراب جي ساغر کي پڄي پورا پورا ڪري ڇڏيو هو. ٻيو تہ هن ڇَهن بشپن کي يا تہ ڦٽڪا هنيا هيا يا ڪين جيل ۾ بند ڪري ڇڏيو هو ۽ ارسينيَس، جيڪو ساڳي پارٽي جو ستون بشپ هيو، کي قتل ڪيو ويو هو يا وري وڏي بشپ پنهنجن هٿن سان خود سندس لاش کي ڪِنو ڪيو هو يا انجي شڪل بگاڙي هئي،[103] هي الزام ۽ بهتان، جن جو واسطو سندس وقار ۽ زندگيءَ سان هو. ڪانسٽنٽائن طرفان مڙهيا ويا هيا ۽ هن پنهنجي پاءُ ڈالمٽيَس کي اُهي ڏياري موڪليا هيا جيڪو محتسب پڻ هيو ۽ ائنٽئڪ ۾ رهندو هو؛ سرئريا ۽ ٽائر جي ڪائونسلن جا اجلاس هڪ ٻئي پٺيان منعقد ڪيا ويا ۽ مشرق جي بشپن کي هدايتون ڏنيون ويون تہ پهريون تہ اٿنسيَس جي مقصد ۽ پروگرام بابت معلومات ڪري انجو فيصلو ڪن. انکان اڳ ۾ جو هو جيروسلم ۾ هڪ نئين ۽ وڏي ڪليسا کي پاڪ ڪري ان جو افتتاح ڪن. وڏو بشپ پنهنجي معصوميت ۽ بيگناهيءَ کان آگاهه هو پر هو بيحد ڈاهو هو جو سمجهي ويو هو تہ جنهن ڪنور جذبي مٹس الزام مڙهيا هيا تہ اُهو ساڳيو ئي جذبو سندس خلاف ڪيس جي ڪارروائي هلائيندو ۽ ڪيس سزا بہ ٻڌائيندو. تنهنڪري هن دور انديشي ڪندي دشمنن جي تربيونل کي مڃڻ کان انڪار ڪيو. سرئريا جي ڪائونسل جي حڪمن کي نفرت مان ڏٺو ۽ ڏڪهي ۽ مناسب عرصي گذرڻ ڪانپوءِ شهنشاهه جي آخري ۽ قطعي حڪر آڏو آڻ مجيندي هن اڳيان پيش پيو جنهن سخت ڏمڪيون ڏيندي ڪيس ٻڌايو تہ جيڪڏهن هاٿي هو ٽائر جي ڪائونسل جي سڏ تي بہ حاضر نہ ٿيو. تہ سندس مجرماٹي نافرماني تي ڪيس سخت سزا ڏني ويندي.[104] هن کان اڳ اٿنسيَس مصر جي پنجاهه پادررين جي اڳواٹيءَ ۾ اليگزئندريا کان ساموندي رستي روانو ٿيو. هن عقلمندي ڪندي مليٽيَس سان اتحاد ڪري

ورتو هو ۽ آرسينيَس خود، سندس اُتساهيندڙ ۽ ڳجهو دوست ساڻس گڏ هو پر جنهن کي مخفي طرح لکايو ويو هو. ٽائر جي کائونسل جو اجلاس سڏيو جي يوسيبيَس هلايو جنهن ۾ جذباتيت گهٽي پر فنڪاري گهٽ هئي، شايد اهو انکري به هو ته اڳيان به هڪ وڏي عالم ۽ تجربيڪار شخصيت جو معاملو هو. گهٽن ماڻهن طرفان قاتل ۽ آمر جا لفظ بار بار دهرايا ويا ۽ هنن جو گوڙ شور، اتنٽسيَس جي صبر ۽ سکون سبب ويتر وڌي ويو جيڪو اُن مناسب گهڙيءَ جي انتظار ۾ هو جڏهن آرسينيَس کي جيئرو جاڳندو ۽ بغير رسايل زخمن يا ڏَکن جي اسيمبليءَ آڏو پيش کيو ويندو. جيڪي مٽس الزام هيا اُنهن جي نوعيت اهڙي هئي جو صاف ۽ واضح جوابن ڏيڻ جي گهٽي گنجائش موجود کانه هئي، ان هوندي به وڏي بشپ ۾ ايتري اهليت هئي جو ثابت ڪري ته جنهن ڳوٺ ۾ مٽس پاڪ شراب جي پيالي کي پڄڻ جو الزام هنيو ويو هو، نه ته اُتي ڪليسا هئي نه قربانگاهه ۽ نه وري کو پيالو موجود هو. آرينس جن مخفي طرح سندس دشمن کي ڏوهي ڄاڻائڻ جو پکو انتظام ڪري چڪيو هو، کوشش ڪئي ته پنهنجي ناانصافيءَ کي انصاف جي پين نمونن ذريعي لکائي سگهن، تنهنڪري کائونسل چهَن پادرين جي هڪ ڪميشن جوڙي ورتي ته اُها موقعي جي هنڌ تي وڃي ثبوت گڏ ڪري، ۽ هن قدم، جنهن جي مصر جي بشپن سخت مخالفت ڪئي، تشدد ۽ قسر تي کوڙ هٽڻ جا نوان موقعا پيدا ڪري چڏيا.[105] اليگزئنڊريا کان نائبن جي واپسيءَ تي، کائونسل جي اڪثريت مصر جي وڏي بشپ خلاف آخري فيصلو ڏئي چڏيو ته ڪيس بيعزتو ڪيو وڃي ۽ ملڪ نيڪالي به ڏني وڃي. فيصلو جيڪو ڪدورت ۽ انتقام جي سخت ۾ سخت زبان ۾ لکيو ويو هو، شهنشاهه ۽ ڪئٿولڪ چرچ کي ٻڌايو ويو، ۽ پادرين فورن نرم ۽ عقيدت وارو رويو اختيار ڪري ورتو بلڪل اهڙو جڻ ڪين حضرت عيسيٰ (ع-س) جي مزار جو حج نصيب ٿيو هجي.[106]

هنن ڪليسائي ججن جي ناانصافيءَ جي منظوري نه ته اتنٽسيَس جي پيش پوَڻ سان ۽ نه وري سندس حاضر رهڻ ڪري عمل ۾ آئي هئي. هن هاڻي عزم ڪيو ته هو هڪ جرئت وارو ۽ خطرناڪ تجربو ڪندو. پلي ڪٽي شهنشاهه جو تخت سڄ جي آواز ٻڌائڻ لاءِ سندس وَس ۾ نه هجي، ۽ ٽائر ۾ سندس خلاف آخري فيصلي اچڻ کان اڳ ۾ بهادر بشپ پاڻ کي هڪ ٻيڑيءَ ۾ ڪٽي اچلايو جيڪا شاهي شهر وڃڻ لاءِ بس رواني ٿيڻ واري هئي. روبرو ملڻ يا ملاقات ڪرڻ جي عرض ڪي يا ته قبول نه ڪيو وڃي ها يا وري ان کان لنوايو وڃي ها، تنهنڪري اتنٽسيَس پنهنجي آمد کي خفيه رکيو ۽ شهنشاهه ڪانسٽنٽائن جي هڪ جڳهه کان واپسيءَ تي نظر رکي، ۽ جيئن ئي گهوڙي تي سوار ٿيل شهنشاهه قسطنطنيه جي وڏي شاهراهه تان گذريو ته هو وڏي جرئتمنديءَ سان وڃي هنجي سامهون ٿيو. توڙي جو بادشاهه ان وقت ڪاوڙ ۾ نظر اچي رهيو هو. هن غير متوقع ۽ عجيب و غريب منظر سندس حيرت ۽ ڪاوڙ کي بيحد وڌائي چڏيو ۽ محافظن کي حڪر ڏنو ويو ته ان انڪساري ڪندڙ درخواستگذار کي هٽايو وڃي. شهنشاهه جي اندر ۾ اچانڪ هنجي لاءِ احترام جو جذبو جاڳي پيو ۽ سندس ڪاوڙ ڊيري ٿي، ۽ شهنشاهه جي ضدي طبيعت، بشپ جي جرئت ۽ حيران ڪندڙ فصاحت بلاغت ذريعي جڻ محاسبي ۾ اچي وئي ۽ بشپ هڪدم ڪانڻس انصاف جي گهُرڪئي ۽ سندس ضمير کي جهنجهوڙي ۽ جاڳائي چڏيو.[107] ڪانسٽنٽائن، اتنٽسيَس جي شڪايتن کي انصاف پسنديءَ مانائتي غور سان ٻڌو، ٽائر جي کائونسل جي ميمبرن کي فورن سڏرايو ويو ته پنهنجي فيصلي کي جائز ڪرڻ لاءِ دليل ڏين؛ يوسيبيَس جي پارٽي جي ماڻهن جي فنڪاري مشڪلن جو شڪار ٿي وڃي ها، جيڪڏهن اُهي وڏي بشپ جي ڏوهه کي

ناقابل-معافي مفروضي ذريعي ايڏو مبالغي آميز نہ ٻڌائڻ ها: مٿس الزام مڑهيو ويو ته هڪ مجرماڻي تجويز ذريعي اليگزئنڊريا وٽ آڻ جي جهازن کي روڪيو ويو هو، جنهن ذريعي نئين گاديءَ جي هنڌ جو اَن تي گذران ٿيندو هو.[108] شهنشاهه بهرحال مطمئن هو ته مصر ۾ امن امان، سندن من پسند ۽ مشهور رهنما کانسواءِ به قائم ڪري ٿو سگهجي، پر هن مڪيه بشپ جي جڳهه پرڻ لاءِ ڪنهن به ٻي ماڻهوءَ کي مناسب ۽ موزون نه سمجهيو، ۽ آخري فيصلو جيڪو هن ڪجهه هيڪندي صادر ڪيو، اهو هو ته ڪيس فقط ماڻهن کان ٻاهر ڪيو وڃي ۽ سندس ملڪ نيڪاليءَ جا حڪم واپس ورتا ويا. گال جي ڏورانهين صوبي، پر ٽريوز جي هڪ مهمان نواز گهر ۾ ڪيس رهايو ويو جتي اٽنسيَس لڳ ڀڳ اٺاويهه مهينا گذاريا. شهنشاهه جي موت، معاملن جي وايو منڊل کي تبديل ڪري ڇڏيو. ۽ نئين شهزادي جي حڪومت ۾ عام مهربانين ۽ شفقتن جو دؤر هليو. وڏي بشپ کي به وڏي عزت، احترام ۽ هڪ فرمان ذريعي پنهنجي ملڪ واپس آندو ويو ۽ هي فرمان نندي ڪانسٽئنٽائن جاري ڪيو هو جنهن پنهنجي باوقار مهمان لاءِ چيو ته هو بلڪل بيقصور هيو ته ساڳي وقت وڏو عالم فاضل ۽ قدر لائق انسان هو.[109]

شهنشاهه جي موت، اٽنسيَس کي هڪ دفعو وري اذيتن جي حوالي ڪري ڇڏيو. ۽ مشرق جو حاڪر ڪمزور ڪانسٽئنٽيَس جلدئي يوسيبيَس جي شرارتن ۽ سازشن جو سائي بڻجي ويو. ان فرقي جا نوي پادري اٽنئڪ ۾ گڏ ٿيا، هنن ٻهانو اهو ٻڌايو ته هڪ گرجا جي اڀرندي ٽيٽي هئي، هنن گڏجي هڪ مشڪوڪ فرقو ٺاهيو جنهن کي آساني سان اڏو گابرو آرين ڪوئي سگهجي ٿو ۽ پنجويهه ڪليسائي قانون جوڙيا ويا جيڪي ايجا تائين يونان جي مذهبي ماڻهن جي نظر ۽ ضبط کي هلائڻ لاءِ ڪارآمد سمجهيا وڃن ٿا.[110] ٿوري گهڻي ظاهري نظر ايندڙ منصف مزاجيءَ مان اهو فيصلو ڪيو ويو ته هڪ بشپ، جنهن کي هڪ ڪائونسل محروم ڪيو هو، کي پادريءَ جون ذميواريون تيستائين ادا نہ ڪرڻ گهرجن جيستائين ٻي ساڳي مرتبي واري ڪائونسل مٿس مڑهيل الزامن مان کيس آجو نہ ڪري. هي قانون فورن اٽنسيَس تي لاڳو ڪيو ويو: انڪري اٽنئڪ جي ڪائونسل سندس بيعزتي ڪرڻ جو فيصلو ڏنو ۽ جنهن جي تصديق به ڪئي ۽ هڪ ڏاڙئي ماڻهو گريگري کي ڪليسائي تخت تي ويهاريو ويو ۽ فلڪگريَس،[111] مصر جي منهندار کي هدايت ڪئي وئي ته هو نئين وڏي بشپ جي پوري حمايت ڪري ته جيئن هو صوبي جي شهري توڙي ٻهراڙيءَ جي معاملن کي ڪاميابيءَ سان هلائي سگهي. ايشيا جي پادرين جي سازشن کان تنگ اچي، اٽنسيَس اليگزئنڊريا کي خدا حافظ چيو ۽ ٽي سَال جلاوطني ۾ گذاريا[112] ۽ وئٽيڪن[113] جي پاڪ چانئڻ تي عرضدار جي حيثيت ۾ رهيو. هتي رهي ڪري هن لاطيني زبان جو وڏي محنت سان مطالعو ڪيو ۽ ان ۾ ايتري مهارت حاصل ڪري ورتي جو اولهه جي مذهبي ماڻهن سان هو آسانيءَ سان ڳالهيون ٻولهيون ڪري پئي سگهيو؛ سندس خوشامد گاڏڙ نفاست واري ڳالهائڻ رومي مڪيه بشپ جوليَس کي بيحد متاثر ڪيو جيڪو حوارين جيان سندس اپيل تي چگيءَ طرح غور ڪرڻ لاءِ آماده ٿيو. ۽ اتلي جي ڪائونسل جي پنجاهه بشپن هڪ متفقہ فيصلي ۾ ڪيس معصوم ۽ بيقصور هڻڻ جو اقرار ڪري ڇڏيو. ٽن سالن جي خاتمي تي چيف بشپ کي شهنشاهه ڪانسٽنس طرفان ملن جي ڪورٽ ۾ سڏرايو ويو. جيڪو ڪجهه غير قانوني خوشين ۽ مسرتن ۾ مصروف هو، پر ان جي باوجود به پڪي مذهب ۽ عقيدي لاءِ ڪيس عزت هوندي هئي، سچ ۽ انصاف جي تقاضائن جي پنيرائي سونَ جي اثر[114] ذريعي ڪئي وئي، ۽ ڪانسٽنس جي وزيرن پنهنجي حاڪر کي مشورو ڏنو

تہ ڪليسائي اسيمبليءَ جو هڪ اجلاس سڏرائي جيڪو ڪئٿولڪ ڪليسا جي نمائندگي ڪري. اولهہ جا چورانوي ۽ اوپر جا چاهتر پادري ساردِيڪا جي جڳهہ تي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٽيا جيڪا ہن شهنشاهتن جي ميلاپ تي آهي، پر اُتي حد ۽ حڪومت اُنهن جي هُئي جيڪي اٽنسيَس جا سائي ۽ محافظ هيا. سندن بحث مباحثا شروع ٿي ويا جن جي گرما گرمي ان حد تائين وڌي وئي جو مخالف ڌرين هڪ ٻئي کي گهٽ وڌ ڳالهايو: ايشيا وارا، پنهنجي ذاتي حفاظت جي اوني ۽ پئو ۾ فلپوپولس جي جڳهہ تي هليا ويا جيڪا ٽريس ۾ آهي؛ ۽ مخالف ڪائونسلن هڪ ٻئي تي روحاني ڇوهَ ڇنڊيا ۽ الزام لڳايا ۽ جن کي هو پوري سچائيءَ سان نِندي رهيا هيا تہ اُهي ئي سچي خدا جا پڪا دشمن هيا. اُنهن هڪ ٻئي خلاف فتوائن کي ڇپرايو جن پنهنجين صوبائي حڪومتن کان ان جي منظوري ورتي؛ ۽ اٽنسيَس، جنهن جو مغرب ۾، هڪ بزرگ ۽ درويش جيان احترام ڪيو ويندو هو، کي مشرق وارن نفرت منجهان هڪ مجرم ۽ ڏوهي جو الزام ڏنو.[115] ساردِيڪا جي ڪائونسل، يوناني ۽ لاطيني ڪليسائن جي وچ ۾ ڦوٽ ۽ سخت اختلاف جو انڪشاف ڪيو آهي ۽ جيڪي، عقيدن جي اتفاقي فرق ۽ هولين جي دائمي انفراديت سبب هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويون. مغرب ۾ ٻي جلاوطني دوَران، اٽنسيَس کي ڪئپٽا، لوڊي، مِلن، ويرونا، پادئا، عتيليا ۽ ٽريوز ۾، ڪيترائي دفعا شهنشاهہ جي حاضريءَ ۾ وڃڻ جو موقعو مليو، ضلعي جو بشپ گهٽو ڪري اهڙين گڏجاڻين ۾ سندس مدد ڪندو هو: مختلف ڪارنامن جو ماهر پاڪ جڳهہ جي پردي اڳيان بيٺو هو، ۽ وڏي بشپ جي ڪر ڪرڻ جو طريقو ۽ ماڻهن سان سندس روَيو اُنهن معزز شاهدن ڏنو هو، جن جي اکين اڳيان هن منٽون ۽ زاريون ٿي ڪيون.[116] دوراندیشيءَ يقيني طور تي ڪيس نماٿي ۽ عزت واري انداز اختيار ڪرڻ جو مشورو ڏنو هوندو جنهن ڪيس هڪ رعيت جو فرد تہ ساڳي وقت بشپ پڻ بنايو هو. مغرب جي حاڪر سان اهڙين ويجهائيءَ جي گڏجاڻين ۾، اٽنسيَس کي ڪانسٽنٽيَس جي حماقت تي پڪ سان افسوس ٿيو هوندو، پر هن جرئت سان ڪڏڻ ۽ سندس آرين پادرين جي غلطين ۽ ڏوهن جو متن الزام هنيو. ڪئٿولڪ ڪليسا جي بدحالي ۽ خطرن تي ڏک جو اظهار ڪيو ۽ ڪانسٽنس کي جوش ڏيارياٿين تہ هو پنهنجي پيءُ جي شان مان ۽ جذبن جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪري، شهنشاهہ پنهنجي عزم جو اظهار ڪندي ڇيو تہ هو مذهب جي خدمت لاءِ يورپ ۾ فوجون ۽ خزانا موڪلينڈو ۽ هڪ سخت حڪمنامي واري تحرير ۾ پنهنجي پاءُ ڪانسٽنٽيَس تي واضح ڪيائين تہ جيستائين اٽنسيَس کي جلد واپس ڪرڻ جي اجازت ڪيس نہ ملي، تيستائين هو خود سامونڊي توڙي ٻي فوج جي مدد سان ان ڳالهہ کي يقيني بنائي تہ وڏي بشپ کي اليگزنڊريا جي تخت تي بنادير ويهاريو وڃي.[117] پر هيءَ مذهبي جنگ، جيڪا فطرت کي ڏاڍي پوائتي ٿي لڳي، ڪانسٽنٽيَس جي وقتائتي مداخلت جي ڪري ٽري ويئي ۽ اوپر جي شهنشاهہ نهنائي ڪندي پنهنجي رعيت جي ماڻهوءَ سان صلح صفائيءَ لاءِ درخواست ڪئي جنهن کي هن تڪليف پهچائي هئي. اٽنسيَس بہ عجز واري فخر وچان انتظار ۾ هو، جيستائين ڪيس لڳاتار ٿي خط مليا جن ۾ شهنشاهہ طرفان سندس يقيني حفاظت، مهربانين ۽ سندس عزت احترام ڪرڻ جو يقين ڏياريو ويو هيو ۽ ڪيس دعوت ڏني وئي هئي تہ پنهنجي بشپ واري ڪرسي اڇي والاري ۽ وڏيڪ ڪيس ڇيائين تہ هو پنهنجن ٿي مڪيہ وزيرن کي چوَندو تہ سندس نيت ۽ ارادن بابت ڪيس يقين ڏيارين. اُنهن جي اها پڙ ڏيوٽي لڳائي وئي هئي ۽ ڪين سخت لفظن ۾ حڪمنامو جاري ڪري مصر موڪليو ويو هو تہ اٽنسيَس جي عقيدتمندن ۽ پوئلڳن کي جلد واپس ورايو وڃي

۽ سندن حق واپس ڪيا وڃن، معصوميت جي مشهوري ڪئي وڃي ۽ قومي رجسٽرن تان اُهي سيئي غير قانوني ڪارروايون ڍاهيون وڃن جيڪي يوسيبيئس جي فرقي وارن غلط طريقي سان اُنهن ۾ داخل ڪيون هيون. انصاف ۽ اخلاقيات جي گهُرجن مطابق، جڏهن پنهنجي حفاظت جو ڪيس پورو اطمينان ڪي ويو تہ وڏو بشپ آهستگيءَ سان دؤرن تي روانو ٿيو، پهريون ٿريس، ايشيا ۽ شام جي صوبن ۾ پهتو جتي مشرق جي پادرين ڪيس بيحد نِيڇائيءَ وارو مان ڏنو جنهن وڏي بشپ جي دل ۾ هنن لاءِ نفرت پيدا ڪئي ڇو تہ هُن هِن سلسلي ۾ دوکو ڪائڻ نٿي چاهيو.[118] ائنٽڪ ۾ هو شهنشاهہ ڪانسٽنٽيئس سان مليو. پنهنجي مالڪ جي محبت وارن پاڪرن ۽ يقيني خاطرين ۾ هو حلم، حيا ۽ مضبوط ارادن سان بيٺو رهيو. ان تجويز کان بهرحال نٽائي ويو تہ آريَنس کي بہ اليگزئنڊريا ۾ هڪ ڪليسا رکڻ جي اجازت ڏني وڃي، ڇو تہ پوءِ اُهي شهنشاهت جي ٻين شهرن ۾ بہ ڪليسائون قائم ڪرڻ جو مطالبو ڪندا ۽ ساڳي وقت پنهنجي پارٽيءَ لاءِ بہ ساڳي سهپ ۽ برداشت جو جذبو رکڻو پوندو. اهو شهنشاهہ جو جواب ڪيڏو نہ انصاف ۽ اعتدال پسندي وارو هو جيڪو هڪ آزاد ۽ خود مختيار حاڪر جي واتان سهڻو ٿي لڳو. وڏي بشپ جي گاديءَ جي هنڌ ۾ آمد هڪ وڏي جلوس ۽ جشن جي صورت ۾ ٿي، سندس ڏکهي غير حاضري ۽ اذيتن پوڳڻ تي هو اليگزئنڊريا وارن کي بيحد پياروٿي ويو هو، جيڪي ساٿس عقيدت رکڻ سان گڏوگڏ محبت بہ ڪرڻ لڳا هيا. سندس اختيار جيڪي هن مضبوطي سان نافذ ڪيا، پڪا پختا ٿي ويا ۽ سندس شهرت جو ڏاڪو نہ رڳو حبش ڪانوني برطانيہ تائين پر پوري عيسائي دنيا ۾ هر طرف ڦهلي ۽ پکڙجي ويو.[119]

پر هڪ رعيت جي ماڻهو، جنهن شهنشاهہ کي ان حد تائين هيٺ آندو هو جو ڪيس ٻهروپيائيءَ جو ڪردار ادا ڪرڻو پيو، اُهو دائمي معافي ڏيڻ ۾ يقينن مخلص نٿو ٿي سگهي. ۽ ڪانسٽنس جي ڏکوئيندڙ موت، النشيَس کي، هڪ طاقتور ۽ فراخدل محافظ کان محروم ڪري ڇڏيو. قاتل ۽ ڪانسٽنس جي فقط هڪ زندهہ پاڻ* جي وچ ۾ خانہ جنگي، جنهن سڄي شهنشاهت کي تن سالن تائين ڏڪي ۾ وجهي ڇڏيو هو، ڪٽولڪ ڪليسا جي واسطي سان، هڪ ٻئي سان دشمنين جي عارضي طور ختر ڪرڻ جو سمجهوتو ڪري ورتو ۽ ٻئي مهاڏو الڪائيندڙ ڏريون هاٿي پاڻ ۾ پرچاءُ ۽ دوستي رکڻ تي سوچي رهيو هيون ۽ اهو پرچاءُ هڪ بشپ جي ذريعي عمل ۾ اچڻو هو، جنهنکي پنهنجي ذاتي اختيارن جي آڏار تي هڪ اهر صوبي جي گهٽ وڌائي جي معاملن جو بہ فيصلو ڪرڻو هو. هن آمر جي سفيرن کي پاڻ سان ملڻ جي اجازت ڏني، جنهن سان بعد ۾ هڪ مخفي خط و ڪتابت ڪرڻ جو مٿس الزام بہ لڳو هو.[120] ۽ شهنشاهہ ڪانسٽنٽيئس ڪيئي پيرا پنهنجي پياري پيءُ ۽ بيحد مانواري النشيَس کي يقين ڏياريو هو تہ توڙي سندن دشمنن طرفان جو بي بنياد ۽ ڪدورتن وارا افواهہ هر طرف پکيڙيا ويا هيا، ان جي باوجود هُن محبتون، جڏهن توڙي تخت پنهنجي مرحوم پاءُ کان ورثي ۾ حاصل ڪيو هيو.[121] احسانمندي توڙي انسانيت مصر جي وڏي بشپ کي ڪانسٽنس جي اوچتي موت تي بيحد ڏُکارو ڪري ڇڏيو هو ۽ هن مٿگنينٽيس جي غلطيءَ کان بہ نفرت جو اظهار ڪيو. پر هن صاف سمجهيو ٿي تہ ڪانسٽنٽيئس جا شڪ ۽ گمان ٿي هنجي لاءِ بچاءُ جا بنڊ هيا، اهڙيءَ طرح حق ۽ سچ جي سوچ لاءِ سندس عبادتن ۽ دعائن جي گرمجوشي ممڪن آهي گهٽيل هجي ها. النشيَس جي تباهيءَ جي سازش چند بگڙيل ۽ ڪٽر بشپن جي ڪدورت سبب نہ ڦهٽي هئي جيڪي شهنشاهہ جي سادگي ۽ پوروائيءَ مان سندس اختيارن جو ناجائز

فائدو وٺندا هيا. شهنشاهه خود ان رِٽ جي منظوري ڏني هئي، جنهن کي هُن ڏکهي عرصي تائين دٻائي ڇڏيو هو. ته جيئن هُو ذاتي طور کيس رسايل زخمن جو انتقام وٺي سگهي،[122] ۽ پنهنجي سوپ کانپوءِ پهريون سيارو جيکو هن آرلس ۾ گذاريو هو. اُهو سڄو وقت هن ان دشمن جي خلاف سوچيو هو جيکو هن جي لاءِ سندس فتح کيل گال جي آمر کان به وڌيڪ نفرت جي قابل هيو.

جيکڏهن شهنشاهه اوچتو ئي اوچتو هڪ انتهائي احترام جي قابل ۽ جمهوريه جي بيحد بااخلاق ۽ نيڪ شهريءَ کي مارائڻ جو فيصلو ڪري چڪو هو ته اهڙي ظالماڻي حڪر کي بنادير ۽ بغير ڪنهن رڪاوٽ جي تشدد ۽ شاندار ناانصافي ڪرڻ جي سندس ماهر وزيرن ذريعي عملي جامو پارايو وڃي ها، پر احتياط، دير ۽ مشڪلاتون، جيڪي، نامياري ۽ هر دلعزيز بشپ جي مذمت ۽ کيس سزا ڏيڻ ۾، کيس پيش اچي رهيون هيون، دنيا وارن تي اهو ظاهر ڪيو ته ڪليسا جي حقن اڳ ۾ ئي رومي حڪومت ۾ نظر ۽ ضبط ۽ آزاديءَ جي احساس کي بيدار ڪيو هو. جيکو فيصلو ٽائر جي ڪائونسل ۾ صادر ڪيو ويو هو، ۽ جنهن جي، مشرق جي پادرين وڏي اڪثريت سان حمايت ڪئي هئي، ان کي ڪڏهن به رد نه ڪيو ويو هو؛ ۽، التنسيس کي هڪ دفعو پنهنجي پادريءَ واري رتبي ۾ پنهنجي برادري وارن بيعزتو پڻ ڪيو هو، تنهنڪري ان کانپوءِ هر قانوني نقطو غير قانوني ۽ مجرماڻو تصور ڪيو ويندو. پر هڪ مضبوط ۽ اثرائتي حمايت جي ياد جيکا مصر جي وڏي بشپ، مغرب جي ڪليسا کان حاصل ڪئي هئي، ان ڪانسٽنٽيس کي مجبور ڪيو ته سندس موت واري فيصلي کي تيستائين ملتوي ڪري جيستائين کيس لاطيني پادرين جي رضامندي به ملي وڃي. ڪليسائي ڳالهين ۽ بحثن ۾ به سال گذري ويا ۽ شهنشاهه ۽ سندس رعيت جي هڪ ماڻهوءَ جي وچ ۾ هڪ اهر مسئلو تي ڏکهو بحث ڪيو ويو. اهو لفظي تڪرار پهريون آرلس جي ڪائونسل ۾ ۽ پوءِ ملن جي وڏي ڪائونسل ۾ ٿيو[123] جنهن ۾ ٽن سؤن کان به وڌيڪ تعداد ۾ بشپ شريڪ ٿيا. آريَنس جي دليلن سان اُنهن جي ساڪ آهستي آهستي جهڪي ٿيندي رهي، هن ڪر ۾ ڪڙن جي هوشياري ۽ مڪاري، ۽ خود شهنشاهه جي طرفان به زوردار عرضداريون شامل هيون جنهن پنهنجي انتقام وٺڻ جي خوشيءَ ۾ پنهنجي وقار کي به داوَ تي لڳائي ڇڏيو هو ۽ سندس اندر جا لکل جذبا سواءِ ڪنهن لِڪ لڪاءَ جي ٻاهر اچي ويا هيا جڏهن ته هو مذهبي ماڻهن جي راءِ کي به متاثر ڪري رهيو هو. رشوت جيکا آئيني آزادي جي ويساهه جوڳي نشاني آهي، ڪاميابيءَ سان ماڻهن کي آڇي وئي؛ اعزاز، تحفا ۽ ٻيا ڪيترائي فائدا آڇيا ويا جيکي بشپ جي وڻتن[124] جي قيمت طور قبول به ڪيا ويا، ۽ اليگزنڊريا جي وڏي بشپ جي مذمت کي وڏي مڪاريءَ سان اهڙيءَ طرح پيش ڪيو ويو جو جڻ ان ڪانسواءِ ڪنٽرولڊ ڪليسا جو اتحاد ۽ امن ڪڏهن به قائم ئي نه سگهندو. التنسيس جا دوست پنهنجي ليڊر سان وفاداريءَ توڙي سندس حمايت ۾ پٺتي ڪڏهن به نه هيا. اُنهن وڏي همت ۽ جرئت سان، جيکا سندن ڪردار جي تقدس سبب گهٽ خطرناڪ هئي، عوامي جلسن توڙي شهنشاهه سان ذاتي نوعيت جي ملاقاتن ۾، مذهب ۽ انصاف جي دائمي تقاضائن ۽ گهُرجن تي زور ڀريو هو. انهن ڪُليل اظهار ڪيو هو ته نه شهنشاهه جي مهربانين جي اُميد يا سندس ناراضگيءَ جو خوف کين متاثر ڪندو ۽ کين مائل ڪري اُنهن ماڻهن سان ملائيندو جيکي هڪ غير حاضر، معصوم ۽ انتهائي معزز شخصيت ۽ پاڻ جي مذمت ڪرڻ ۾ شامل هيا.[125] اُنهن ظاهري دليلن سان پڪو ڪيو ته ٽائر جي ڪائونسل جا

غيرقانوني ۽ رد ٿيل فيصلا. شاهي فرمانن ذريعي گهٽي وقت کان وٺي ختم ڪيا ويا هيا ۽ اليگزئنڊريا جي وڏي بشپ جي عهدي جو ٻيهر باوقار طريقي سان قائم ٿيڻ ۽ ماٿهن جي خاموشي توڙي سندن پڪن دشمنن طرفان تويهه ڪرڻ جو عمل اٿنيسيس جي معصوميت کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي هو. اُنهن وڌيڪ ٻتايو ته مصر جي بشپن هڪ ڳڻيل راءِ ذريعي سندس بيقصور هڻڻ جي تصديق ڪئي هئي، جنهنکي روم ۽ ساردينيا جي ڪائونسلن توڙي لاطيني ڪليسا پڻ ان جي پنيراڻي ڪئي هئي. اُنهن اٿنيسيس سان زيادتيءَ واري صورتحال تي بيحد افسوس جو اظهار ڪيو. جنهن کي پنهنجي ڪرسيءَ تي سالن جا سال ويهڻ، پنهنجي شهرت کي قائم رکڻ ۽ بظاهر شهنشاهه جو مٿس اعتماد هڻڻ جي باوجود، ٻيهر ڪيس ٻي بنياد ۽ اجاين الزامن کي کوڙو ثابت ڪرڻ لاءِ سڏرايو ويو هو. سندن زبان شاندار هئي، سندن روَيو عزت وارو هو، پر هن ڀڳهي ۽ ضد واري چٽاپيٽيءَ ۾، جنهن سبب سڄي شهنشاهت جون نظرون هڪڙي اڪيلي بشپ تي ڪيڙل هيون، ڪليسائي طبقا نائيسين عقيدي جي سڄي سپوت ۽ بهادر انسان کي بچائڻ يا وري ڪيس مارڻ لاءِ، سچ ۽ انصاف کي بہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار هيا. آريَنس ايا ان کي ضروري ٿي سمجهيو ته هو پنهنجن سچن ۽ اندروني ڌنڌن کي ڳجهيءَ طرح لکائن، پر عقيدي جي پڪن بشپن جن کي ماٿهن ۽ جنرل ڪائونسل جي فيصلن جي حمايت حاصل هئي، هر موقعي تي ۽ خاص طرح ملن ۾ ان ڳالهه تي زور ٿي ڀريو ته سندن مخالف فرقيواريت ۽ لادينيت کان پاڻ کي پاڪ ڪن. ان کان اڳ جو هو عظيم اٿنيسيس جي بلند ڪردار کي بهتان بازيءَ سان داغدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.[127]

پر دليلن جي آواز (جيڪڏهن دليل واقعي اٿنيسيس جي طرفداري ڪري رهيا هيا ته) کي فرقيواريت جي حامين جي گوڙ شور ۽ پٺسن تي وڌامندڙن جي اڪثريت ذريعي خاموش ڪيو ويو ۽ آرلس ۽ ملن جون ڪائونسلون تيستائين ختم نه ڪيون ويون هيون جيستائين اليگزئنڊريا جي وڏي بشپ جي مذمت ڪندي اولهه توڙي اوپر جي ڪليسا جي گڏيل فيصلي مطابق کيس سندس عهدي تان لاٿو ويو. جن بشپن سندن مخالفت ڪئي هئي، کين چيو ويو ته فيصلي جي حمايت ڪن ۽ مخالف پارٽي جي مشڪوڪ ليڊرن سان مذهبي برادريءَ ۾ متحد ٿي وڃن. حڪومت جي پيغام رسائيندڙن کي رضامنديءَ جو هڪ ٽهيل ٽُڪيل ڇڻو ڏنو ويو ته اُهو اُنهن پادرين کان صحيح ڪرائي اچن جيڪي ڪائونسل جي اجلاس ۾ غير حاضر هيا. ۽ اُهي سيئي جن عوام کي توڙي آرلس ۽ ملن جي ڪائونسلن جي گڏيل ڌاهپ آڏو بہ پنهنجي ذاتي راءِ ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو. اُنهن کي شهنشاهه طرفان جلاوطن ڪيو ويو، پر جن ڇاهيو ٿي ته ڪنهن بہ ۽ هر صورت ۾ ڪٿولڪ ڪليسا جي فيصلن تي بنادير عمل ڪرايو وڃي. اُنهن پادرين، جن ڏوهه باسيندڙن ۽ ملڪ نيڪالي ٿيل معزز ماٿهن جي اڳواڻي ڪئي هئي، جيئن روم جو لائبيريَس، ٿيبز جو اوسيَس، ٽريوز جو پالينَس، ملن جو ڊائنوسيَس، ورسيلي جو يوسيبيَس، ڪئگياري جو ليوسينر ۽ پٽائٽيئرس جو هلئري، اُنهن جَس لهڻي ۽ اُهي ان لائق آهن ته اُنهن کي وڌيڪ نمايان ڪيو وڃي. لائبيريَس جو مٿاهون مرتبو، جنهن شهنشاهت جي گاديءَ جي هنڌ تي حڪومت ٿي ڪئي، اوسيَس جي ذاتي لياقت ۽ سندس ڊگهو تجربو، جنهن جي انڪري وڌيڪ عزت هئي جو هو وڏي ڪانسٽنٽائن جو من پسند شخص هو ته ساڳئي وقت نائيسين عقيدي جو ابو پڙ هيو؛ انهن سڀني پادرين کي لاطيني ڪليسا جو وڏو بنايو ويو ۽ اُنهن جي مثال کي، توڙي اُهو تابعداري ڪرڻ يا مُهاڏي انڪائڻ ۽ مقابلي ڪرڻ جو هجي، پادرين جي جماعت پاران اُتساهيندڙ بنايو ويندو. پر روم ۽ قرطبہ جي بشپن کي، شهنشاهه

طرفان لالچائڻ يا ڏمڪائڻ جون لڳاتار ڪوششون ڪجھ عرصي لاءِ ڪامياب نه ٿي سگھيون. اسپين جي بشپ ڪليو ڪلايو اعلان ڪيو ته ھو ڪانسٽنٽيس جي حڪومت ۾ سڀ سختيون سھڻ لاءِ ائين تيار ھيو جيئن ھن ست سال اڳ سندس ڏاڏي مئڪسيمين جي دور ۾ اذيتون سٺيون ھيون. روم جي پادري شهنشاھ جي موجودگيءَ ۾ انٽشيس جي معصوميت کي ورجايو ۽ پنھنجي آزاديءَ لاءِ ڪيس چيو. جڏھن ڪيس ٽريسس ۾ بيٺا جي جڳھ تي ملڪ نيڪالي ڏئي ھوڪليو ويو ته ھن ڪافي ناڻو ۽ ٻي دولت واپس موڪلي ڏني جيڪا ڪيس مسافري ۽ رھائش جي خرچ پرڻ لاءِ ڏني وئي ھئي. ۽ ملن جي محلات تي سخت طنز ڪندي انجي بيعزتي ڪيائين ته شهنشاھ ۽ سندس ڪدڙن کي ممڪن آھي ته ان سونَ جي ضرورت پوي ته اُھي اُن سان پنھنجن پاليل فوجين ۽ ٻاوَن جو پيٽ پري سگھن.[128] لائبيريَس ۽ اوسيَس جي عزم ۽ ضِد کي آخرڪار جلاوطني ۽ جيلن جي تڪليفن سبب ختم ڪيو ويو. روم جي وڏي بشپ پنھنجي واپسي ڪجھ ڏوھي ڪارروائين ڪرڻ ذريعي خريد ڪئي ۽ پوءِ پنھنجي گناھن جو پڇتاءَ ۽ توبھ ذريعي ڪفارو ادا ڪيو. قرطبہ جي ڪراڙي ۽ جُھور بشپ سان لڳاتار تشدد ڪري مجبوريءَ ۾ پر سندس مرضيءَ جي خلاف ڪائنس صحي ورتي وئي ۽ سندس عزم جي زور کي ٽوڙيو ويو. ۽ ان شخص جي ذھني صلاحيتن کي ختم ڪيو ويو جنھن جي سؤ سالن جي عمر جي وزن سان اڳيئي سندس چيلھ چٻي ٿي چڪي ھئي ۽ آريَنس جي گستاخي ۽ غرور ڪنھن مذھبي پارٽيءَ کي اُکسايو جيڪي غير انساني سختيءَ سان ان بدقسمت پوڙھي ماڻھوءَ جي ڪردار بلڪ يادن سان بريءَ طرح پيش آيا جنھن جي اڳين خدمت لاءِ عيسائيت خود انجي بيحد احسانمند ھئي.[129]

لائبيريَس ۽ اوسيَس جي شڪست، ھيڪاري اُنھن بشپن جي عزم کي چمڪايو ۽ مضبوط ڪيو، جيڪي ايا تائين پنھنجي پوري عزم ۽ وفاداريءَ جي جذبن سان انٽشيس جي مقصد، پروگرام ۽ مذھبي سچ سان لاڳاپيل ھيا. سندن دشمنن جي ذھانت واري ڪيني کين ھڪ ٻئي سان صلاح مشوري جي سھولت ڪان ٻه محروم ڪري ڇڏيو ۽ ھنن نامياڻن جلا وطن شخصيتن کي ھڪ ٻئي ڪان جدا ڪري پراُنھن پنڌن تي رکيو ويو ھو ۽ وڏي احتياط سان وڏي ۽ وسيع شهنشاھت جا اُھي ويران ھنڌ چونڊيا ويا ھيا جتي صفا سُڃ ھئي ۽ ڪابہ وسنَو ڪانہ ھئي.[130] ان جي باوجود، اُتي رھڻ ڪان پوءِ کين تجربو ٿيو ته لبيا جا بيابان ۽ ڪپادوشيا جا اڙڪا ۽ اڊنگا جبل اُنھن شھرن ڪان ڪجھ ڳھٽ ڏکيا ۽ تڪليف ڏيندڙ ھيا جنھن ۾ آرين بشپ کي بغير روڪ رندڪ جي مذھبي نفرت جي شاندار دشمنيءَ جي اطمينان ڏيندڙ خوشي ملي سگھي.[131] ھتي کين آزادي ھئي ۽ ڪيترين ڳالھين کي ھنن درست ڪيو ھو ۽ اھي ننڊيون ڳالھيون ٻه کين سکون پھچائي رھيو ھيون؛ انڪانسواءِ ماڻھن طرفان کين داد ٿي مليو. ماڻھو ساٿن ملڻ ٿي آيا. کين پنھنجن مداحن جا بيشمار خط ٿي مليا ۽ پنھنجن پوئلڳن کان کين امداد ٻه ملي رھي ھئي،[132] ۽ کين اھو سکون ٻه نصيب ٿيو جيڪو ھنن خوشيءَ سان ملھايو ته نائيسين عقيدي جي پوئلڳن جي وچ ۾ زبردست قوت پئجي چڪي ھئي. شهنشاھ ڪانسٽنٽيس جو اھڙو ئي انوکر ۽ اوچتو روَيو ھوندو ھو ۽ جيڪڏھن عيسائي سچ جي خيالي معيار کان ڪابہ شئي ٿوريَ ٻه ھيڏي ھوڏي ھٽيل ھوندي ھئي ته ھو بنھہ ناراض ٿي ويندو ھو ۽ ھن پوري جوش ۽ جنون سان اُنھن ماڻھن کي اذيتون ڏنيون جيڪي "ٽِن جي روح" جي ايکي جي حفاظت ڪندڙ ھيا يا اُھي جن جو ساڳئي ستَ يا جوھر ۾ عقيدو ھيو يا وري اُھي جن خدا جي پٽ جي مشابهت يا ھوبھو ھڻڻ جي اصول جو انڪار ڪيو ھو. ٽي بشپ، جن کي اھڙن ئي

مخالفت وارن خيالن ۽ نظرين رکڻ لاءِ جلاوطن ڪيو ويو هو. شايد وري پنهنجي جلاوطنيءَ واري جڳهه تي ملٽا هيا ۽ سندن متضاد طبيعتن سبب يا ته اُهي اُنهن مخالفن تي رحم ڪندا يا وري سندن اندڻي عقيدت ۽ جذبن جي بيعزتي ڪندا جن جي هاڻوڪين تڪليفن جو ازالو مستقبل جي خوشين سان هرگز ممڪن نه ٿي سگهندو.

مذهبي عقيدي رکندڙ پادرين جي بيعزتي توڙي سندن جلاوطني، اُنهن تجويزن ۽ سازشن جي جڙ هڪ شروعات هئي جنهن جو آخري نتيجو خود الٿنسيَس جي بربادي ۽ تباهيءَ ۾ نڪرڻو هو.[133] ڇويهه مهينا گذريا هيا، جنهن وچ ۾ شاهي محل ۾ ڳجهين ۽ هاڃيڪار سازشن ذريعي ڪيس اليگزئنڊريا مان هٽائڻ ۽ اُهي الائونس بند ڪرڻ جو منصوبو ناهيو ويو جن ذريعي هو پنهنجي فراخدليءَ جو مظاهرو ڪندو هو. پر جڏهن مصر جو وڏو بشپ هليو ويو ۽ لاطيني ڪليسا طرفان سندس نالو موت جي رجسٽر ۾ درج ڪيو ويو ۽ هو باهرين مدد کان محروم ٿي ويو، ته اهڙي ئي وقت ۾ ڪانسٽنٽيَس پنهنجن ٻن سيڪريٽرين کي موڪليو جن کي زباني حڪمن ذريعي سندس جلاوطني جي فرمان تي عمل ڪرائڻو هو. جيئن ته فيصلي کي عوام جي آڏو سڃي پارٽيءَ طرفان منظور ڪيو ويو هو جنهن موجب ڪانسٽنٽيَس کي، سندس سيڪريٽرين کي لکت ۾ حڪم ڏيڻو هو، ته اها ڳالهه مٽس شڪ جي ڇُهمت لڳائي ٿي سگهي ۽ خطري جي مُنهن ۾ وجهي ٿي سگهي ته ٻيو نمبر وڏو شهر جيڪو سڃي شهنشاهت ۾ بيحد زرخيز هو ۽ جيڪڏهن اتان جا ماڻهو پنهنجي روحاني پيءُ جي معصوميت جي حفاظت ڪرڻ جو فيصلو ڪري وٺن ۽ هٿيار کڻي ٻاهر نڪري اچن ته پوءِ اهڙي صورتحال سخت خطرائتي ٿي پوَندي. اهڙي انتهائي احتياط الٿنسيَس کي هڪ شاندار سبب ناهي ڏنو ته هو ادب مان ان حڪم جي سچائيءَ کي للڪاري جنهن سان هو ڪنهن به طرح برابريءَ وارو سمجهوتو نه ڪندو ۽ نه پنهنجي مهربان مالڪ جي اڳين اعلانن کي ورجائيندو. مصر جا شهري اختيار نهايت ئي اٽپورا هيا يا ٻين لفظن ۾ ايترا طاقتور نه هيا جو اُنهن ذريعي وڏي بشپ تي زور پري سگهجي يا ڪيس مجبور ڪيو وڃي ته هو بشپ واري پنهنجي تخت تان هٽ ڪٽي وڃي؛ تنهنڪري هو مجبور ٿي پيا ته اليگزئنڊريا جي مشهور اڳواڻن سان هڪ سمجهوتي تي صحيون ڪن جنهن مطابق اهو طئي ڪيو ويو ته سيني ڪارروائين ۽ دشمنين کي اِتي جو اِتي بند ڪيو وڃي جيستائين شهنشاهه جي راءِ يا مرضي تمام واضح لفظن ۾ معلوم ڪئي وڃي. ظاهري اعتدال پسنديءَ جي اثر سان، ڪئٿولڪس دوکو کائي ويا ۽ هاڻي هڪ ڪرڙي ۽ موتمار حفاظت جو اونوکرڻ ۾ لڳي ويا، جڏهن ته مصر ۽ ليبيا جون فوجون، ڪين مليل ڳجهن حڪمن ذريعي، اڳتي وڌنديون ۽ مٿن پيش قدمي ڪنديون رهيون، ته جيئن گاديءَ جي هنڌ جو ڳهيرو ڪن ۽ ڪين اوچتو حيرت ۾ وجهن، جيڪي اڳ ئي اهڙن بلوَن ۽ جنگين جا عادي هيا ۽ جتي مذهبي جوش ۽ جنون باهه جيان هرندو رهيو هو.[134] سمنڊ ۽ ميروٽس ڊنڊَ جي وچ ۾ اليگزئنڊريا جي ظاهري بيهڪ اهڙي هئي جتي فوجن جي گڏ ٿيڻ ۽ اُتان اُنهن کي ڪارروائي ڪرڻ ۾ مدد ملندي هئي ۽ هتي جڙ هو شهر جي بلڪل وچ ۾ هوندا هيا جتان شهر جي گيٽن کي بند ڪرڻ توڙي حفاظتي تدبيرون اختيار ڪرڻ ۾ ڪين آساني هوندي هئي. اڌ رات جي وقت، سمجهوتي جي عمل ۾ اچڻ کان فقط ٽيويهه ڏينهن پوءِ، مصر جو حاڪر، سيرئينَس پنج هزار فوجين جي سرواڻي ڪندي، حملي ڪرڻ جي مڪمل تياري ۽ ارادي سان سينٽ ٿونَس جي ڪليسا تي اوچتو حملو ڪري ڇڏيو جتي وڏو بشپ، پنهنجي مذهبي برادري ۽ ٻين ماڻهن سان رات جي عبادتن ۾ مصروف هو. پاڪ عمارت جا دروازا کلي ويا

چو ته حملو اوچتو ۽ تيزيءَ سان ڪيو ويو هو ۽ فورن هر طرف ڪُوڪارا مچي ويا ۽ خون خرابو ٻه ڪيو ويو: پر جيئن ته قتل ٿيل ماڻهن جا لاشا ۽ فوجي هٿيارن جا ڪجهه ٽڪرا ٻي ڏينهن تائين ٻه پيا رهيا، هڪ ناقابل اعتراض شاهدي هٿ اچي وئي ته سيرئينَس جي مهر ڪي هڪ اوچتي چڙهائيءَ يا حملي جو نالو ته ڏئي سگهجي ٿو پر ان ڪي هڪ مڪمل سوچ هرگز نٿو چئي سگهجي. شهر جون ٻيون ڪليسائون ٻه ساڳي بيحرمتيءَ جو شڪار ٿيون ۽ گهٽ ۾ گهٽ چئن مهينن تائين، اليگزئنڊريا هڪ شهواني فوج جي قبضي هيٺ اچي ذلتن جو شڪار ٿيندو رهيو، جن ڪي ڪليسائي دشمنن جي پوري پٽيڙائي حاصل هئي، ڪيترائي نيڪ ۽ مذهبي ماڻهو مارجي ويا، جن ڪي شهيد ڪوٺجي ته مناسب ٿيندو، توڙي جو اُنهن جي موت لاءِ نه ڪنهن ڪي تيش ۾ آندو ويو هو ۽ نه وري اُنهن کان ڪنهن بدلو ورتو هو: بشپ ۽ نائب پادري ظلر ۽ ذلتن جو نشانو بڻايا ويا، پاڪ ڪنوارين ڪي اگهاڙو ڪري ساڻن جنسي ڏاڍايون ڪيون ويون ۽ کين ڏڪا هنيا ويا؛ دولتمند ماڻهن جي گهرن ڪي لٽيو ڦريو ويو، ۽ مذهبي جوش جي آڙ ۾ جنسي بيهودگي ۽ لوڀ لالچ جو زور وڌي ويو ۽ ماڻهن ڪي ذاتي طور رنجائي ۽ کين تڪليفون پهچائي، بغير ڪنهن سزا جي خوف جي، پاڻ ڪي خوش ڪيو ويو، ۽ جيڪا اڪثريتي ڏر هئي، کين ڇيو نه پر متن زور پريو ويو ته اُهي ان وڏي پادري جو ساٿ ڇڏي ڏين جنهن کان هو ڊڄندا هيا ۽ جنهن جي عزت ٻه ڪندا هيا. ڪن خاص مهربانين جي اُميد ۾ ۽ ان خوف کان ٻه ته کين ڪنهن فتني فساد جي ڏوهه ۾ ڦاسايو نه وڃي؛ اهڙين مجبورين ۾ هنن التنسيَس جي ٿيندڙ جانشين جي حمايت لاءِ پنهنجي رضا مندي ڏيکاري، جيڪو ڪپاڊوشيا جو جارج هو. غاصب ڪي آرين ڪائونسل جي پاڪ رسمن ڪانپوءِ، سيباسٽين جي فوجن وڏي بشپ جي تخت تي ويهاريو، جنهن کي اڳ مصر جو ڪائونٽ مقرر ڪيو ويو هو ته جيئن مٿي بيان ڪيل سازش کي عملي جامو پارايو وڃي. اختيارن ملڻ شرط ئي آمر جارج، مذهب انصاف ۽ انسانيت جي سڀني اصولن ۽ قانونن کي لتاڙيندي تشدد ۽ بيحيائيءَ جا ساڳيا منظر ڏهرايا جيڪي اڳ گاديءَ جي هنڌ ۾ ڪليو ڪلايو ڪيا ويا هيا ۽ هاڻي مصر جي نوَي کان وڌيڪ ڪليسائي شهرن ۾ ٻيهر جاري رکيا ويا. هن ڪاميابيءَ تي خوش ٿيندي، ڪانسٽنٽيَس پنهنجن وزيرن جي ڪردار کي ساراهيو. هڪ ڪُليل ۽ جذباتي خط ذريعي، شهنشاهه، اليگزئنڊريا کي هڪ مشهور آمر کان نجات ملڻ تي ماڻهن کي مبارڪون ٿو ڏئي، جنهن پنهنجي تقرير جي جاذوءَ ذريعي پنهنجن انڌن عقيدتمندن سان فريب ۽ دوکيبازي ڪئي، عزت واري جارج جي نيڪي ۽ پارسائيءَ جي تعريف ٿو ڪري جيڪو چونديل بشپ هيو ۽ پاڻ هڪ خواهش جو اظهار ٿو ڪري ته شهر جي وڏي ۽ احسان ڪندڙ جي حيثيت ۾ هو چاهي ٿو ته سندس شهرت سڪندر (اليگزينڊر) کان ٻه گوءِ ڪٽي وڃي. پر هو قسر تي پنهنجي نه بدلجندڙ عزم جو اظهار ڪري ٿو ته هو التنسيَس جي غدار پوئلڳن کي ترار جي طاقت ۽ باهه جي روشنيءَ ذريعي ڳولينڊو رهندو، جيڪو انصاف جي چنبي کان پڄي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو، ائين ڪرڻ سان هن ڇڻ پنهنجن خطائن جو اعتراف ڪيو هو ۽ ذلت جي موت کان بچي ويو هو جنهن جو هو پورو پورو حقدار هيو.[135]

التنسيَس واقعي سخت خطرن جي چنبي مان بچي نڪتو هو، ۽ ان بيمثال شخص جا ڪارنامه يقيني طور اسانجو توجهه طلب ڪن ٿا. ان يادگار رات جو جڏهن سينٽ ٿوَنس جي ڪليسا کي سيرئينَس جي فوجين اختيار سونپيا هيا ته وڏي بشپ، جنهنکي تخت تي ويهاريو ويو هيو، ان رات خاموشي ۽ وقار واري بهادريءَ سان، موت کي

پنهنجي ويجهي ايندي ڏٺو هو. هڪ ته ماٿهن جي عقيدت ۽ جذبي، ڪاوڙ وارين رڙين ۽ خوف وارين دانهن جي نڏر ٿي ويو هو. هن پئو ۽ حراس کان دنل ۽ ڏکندڙ ميڙ کي حضرت دائود (ع-س) جي زبور مان مناجاتون پڙهندي، هن ماٿهن کي همت ۽ حوصلو عطا ڪيو هو ته پنهنجي مذهبي اعتقاد ۽ اعتماد کي قائر رکن، جيڪو اسرائيل جي خدا جي عظمت کي مصر جي ناپاڪ آمر تي فوقيت ۽ فتحمندي عطا ڪري ٿو. آخرڪار دروازن کي ڏڪا هٽي کوليو ويو، ماٿهن تي تيرن جي برسات جو وسڪارو شروع ٿي ويو. سپاهي پنهنجين اگهاڙين تراربن سان اڳتي وڌي مقدس جڳهه ۾ زوريءَ ٽپي پيا، ۽ زرهن جي پوائتي چمڪ مقدس ۽ نيڪ ماٿهن ذريعي وڌيڪ روشن ٿي وئي هئي، جيڪي قربانگاهن جي ارد گرد تجلا ڏئي پرنديون ٿي رهيون.[136] اٽنئسيَس اڃا تائين پاوَن ۽ نائب پادرين جي منتن کي رد ٿي ڪيو جيڪي ساٿس عقيدت رکندڙ هيا ۽ مانائتي نموني سان پنهنجي مرتبي کي تيستائين چڏڻ کان انڪار ڪيائين جيستائين گڏ ٿيل ميڙ جو آخري ماڻهو به سلامتيءَ سان هن خطرناڪ ۽ پوائتي ماحول مان باهر نڪري وڃي. ماٿهن جي گوڙ شور ۽ رات جي انڌاري وڏي بشپ ۽ سندس ساٿين کي اتان نڪري وڃڻ جو سازگار موقعو ڏنو ۽ توڙي جو هو هڪ وڏي هجوم ۾ ڦاسي زمين تي ڪري به پيو هو ۽ ٿوري دير لاءِ بيهوش به ٿي ويو هو پر وري به همت ڪري، ۽ جرئمنديءَ جو مظاهرو ڪندي، سپاهين جي ڳولينڊڙ نظرن کان اوجهل رهيو هو جن کي پنهنجن آرين ليڊرن هدايتون ڏنيون هيون ته اٽنئسيَس جو سِرُ، شهنشاهه جي لاءِ هڪ زبردست تحفو هوندو. ان گهڙي، مصر جو وڏو بشپ پنهنجي دشمن جي ڳولائُو نظرن کان پري هليو ويو ۽ چَهن سالن کان به وڌيڪ عرصي تائين اهڙيءَ جڳهه تي لِڪل رهيو جتي پهچڻ بيحد ڪٺن ڪم هو.[137]

سندس ڪنور دشمن جي آمراڻن اختيارن پوري رومي دنيا ۾ پنهنجون ٻانهون پکيڙي چڏيون هيون ۽ بيحد چڙيل ۽ تيش ۾ آيل شهنشاهه هڪ زوردار خط ذريعي حبش جي بادشاهه ڏي لکيو هو ته اٽنئسيَس کي ڪٽان به ڳولي باهر ڪڍن، پوءِ اُهي ويجها يا تمام ڏارانهان يا صفا سڃي دنيا کان ڪٽيل اڪيلائي وارا علائقا پلي چو نه هجن ته اُتان به ڪيس هر صورت ۾ ڳولي هٿ ڪيو وڃي. نواب، مُنهندار، ججَ، سپئي فوجون وغيره هاڻي فقط ان ڪر ٿي لڳي ويون هيون ته ڪنهن به صورت ۾ هڪ پاڇوڪڙ بشپ کي هٿ ڪيو وڃي. شاهي فرمانن ذريعي بار بار فوجي توڙي شهري چوڪسيءَ جي ادارن کي پنهنجين ڪوششن کي تيز ڪرڻ لاءِ چيو ٿي ويو ۽ ان ماڻهو لاءِ وڏا انعام آڇيا ويا هيا جيڪو اٽنئسيَس کي ڳولي هٿ ڪندو پوءِ پلي اُهو جيئَرو هجي يا مئل؛ ۽ اُنهن ماٿهن لاءِ به سخت سزائن ۽ ڏنڊن جو اعلان ڪيو ويو هو جيڪي قومي دشمن کي پاڻ وٽ آجهي ڏيڻ يا لڪائڻ جي حماقت ڪندا.[138] ٽيبائس جي بيابانن ۾ هڪ جهنگلي قوم رهندي هئي پر طبيعت جا اُهي نرم مزاج ماڻهو هيا جيڪي شهنشاهه جي پيٺ ۾ پنهنجي سردار يا سرواڻ جو حڪم مڃيندا هيا. ائنٿني ۽ پئچوميَس جي بيشمار پوئلڳن اٽنئسيَس کي پنهنجو وڏو پيءُ بنائي چڏيو، سندس صبر ۽ انڪساريءَ کي بيحد ساراهيو ويو جنهن سان هو سندن ٿي سخت اصولن مطابق هلندو هو، جيڪو به لفظ سندس چپن مان نڪرندو هو، ان کي هو مقدس ۽ ڏاهپ جو سرچشمو سمجهندا هيا ۽ سندن عقيدو هوندو هو ته اُنهن جي عبادت، روزا ۽ راتين جو عبادت لاءِ جاڳڻ جي، ان جوش ۽ عقيدت کان گهٽ اهميت هئي جنهنجو اظهار اُهي اٽنئسيَس جي سچائي ۽ سندس معصوميت لاءِ ڪندا هيا يا وري خطرن کي بهاديريءَ سان مُنهن ڏئي سندس حفاظت

ڪندا هيا.[139] مصر جون خانقاهون تنهائيءَ وارين ۽ غيرآباد جڳهن تي نهيل هيون جيڪي يا تہ جبلن جي چوٽين تي يا وري نيل نديءَ جي دور دراز ٻيٽن تي هيون ۽ تابين جو پاڪ آواز يا ٿوتارو هڪ ڇاتل سڃاتل احتياط جو نغارو هوندو هو جنهن کي ٻڌي هزارين سگهارا ۽ جوشيلا ٻاوا جمع ٿي ويندا هيا جيڪي گهٽو ڪري پاڙي واري ملڪ ۾ اڳ هاري هوندا هيا. جڏهن رات جي انڌاري ۾ فوجي طاقت جو مٽن حملو ٿيندو هو ۽ جنهن جو، مردانگيءَ سان منهن ڏيڻ يا مقابلو ڪرڻ ناممڪن هوندو هو تہ هو خاموشيءَ سان قاتل اڳيان پنهنجيون ڳچيون ڪنجڻ لاءِ پاڻ اڏيءَ تي رکندا هيا ۽ پنهنجي قومي ڪردار جو مُنهن مٽاهون ڪري سرخرو ۽ سرها ٿيندا هيا تہ اذيتون ۽ تڪليفون هڪ مصري ماٺهوءَ کي مجبور ڪري ڪانئس راز جي ڳالهہ اوڳاڙائي نٽيون سگهن جنهن لاءِ هو پنهنجو سِرُ تہ ڪٽرائي سگهندو هو پر سندس سيني ۾ محفوظ ٿيل راز کي ظاهر ڪنهن بہ صورت ۾ نہ ڪندو هو.[140] اليگزئنڊريا جو وڏو بشپ جنهن جي بچاءَ لاءِ هنن پنهنجون زندگيون اربي ڇڏيون هيون. هڪ دفعي ڪنهن هڪ جهڙي ۽ نظر ۽ ضبط رکندڙ هجوم ۾ گر ٿي ويو هو ۽ جڏهن هو خطري جي مُنهن ۾ اچڻ وارو هو تہ فورن سندس خدمتگارن ۽ عقيدتمندن کيس اتان هٽائي ۽ بچائي ڇڏيو ۽ هڪڙي جڳهہ ڪان ٻي ۽ وڌيڪ محفوظ جڳهہ تي کيس نِيو ويو. يعني اهڙو هنڌ جيڪو هڪ برپٽ بيابان هو جنهن کي، وهمن وسوسن ۾ اعتبار ڪندڙ غمگين ۽ سادڙا ماڻهو، شيطانن، ديوَن پريُن ۽ جنن پوتن جو آستان سمجهندا هيا. اٿنسيَس جي گوشہ نشيني، جيڪا ڪانسٽنٽيَس جي زندگي سان ختم ٿي، گهٽو ڪري ٻاوَن جي سنگت ۽ صحبت ۾ گذري جيڪي پوري وفاداريءَ سان ساٿس سچا هيا، اُهي سندس محافظ هيا. سندس سيڪريٽري ۽ پيغامبر پڻ هيا. پرڪئٽولڪ پارٽيءَ سان سندس وڌيڪ ويجهڙائيءَ جي اهميت کيس هرکايو ۽ هن سوچيو تہ جڏهن بہ دشمنن طرفان سندس ڳولا ڪرڻ جي مُهم ۽ ڪوششون ڏيرون ٿيندين نظر آيون، تہ هو هڪ دفعو بيابان منجهان نڪري نروار ٿيندو ۽ پاڻ کي اليگزئنڊريا پهچائيندو ۽ پنهنجي ذات کي پنهنجن دوستن ۽ عقيدتمندن جي حوالي ڪري ڪندو. سندس جانبازي جي مختلف ڪمن ۾ هڪ دلچسپ عشق يا پيار جو قصو بہ شامل آهي. هڪ دفعي هو هڪ خالي حوض ۾ لڪل هو پر ان کي چپ چاپ ڇڏي وڃڻ کان اڳ هڪ غلام عورت ساٿس دوکو ڪري دغا ڪئي،[141] ۽ ٻئي دفعي هو تمام خاص قسر جي پناهہ گاهہ ۾ لڪل هو جيڪو هڪ ويهن سالن جي ڪنواري ۽ الهڙ ڇوڪريءَ جو هو ۽ جيڪا سڄي شهر ۾ پنهنجي بيمثال حسن جي ڪري مشهور هئي، اڌ رات جو، جيئن هن اهو قصو ڪيترن سالن کان پوءِ پاڻ ٻڌايو هو. هوءَ حيرت ۾ پئجي وئي جڏهن هن وڏي بشپ کي ذري گهٽ اُگهاڙي حالت ۾ ڏٺو. جيڪو تڪڙا تڪڙا قدم کڻندو اچڻي وڌيو ۽ کيس منت ڪيائين تہ کيس حفاظت ڏئي ڇو تہ هنکي هڪ روحاني خواب ذريعي حڪم ڏنو ويو هو تہ هو سندس ٿي مهمان نوازيءَ جي ڇت هيٺان رهي پنهنجي حفاظت ڪري؛ پاڪ ڇوڪريءَ سندس ڳالهہ کي قبول ڪيو ۽ مقدس عهد کي بہ محفوظ ڪيو جيڪو سندس دوراندیشي ۽ جرئت جي حوالي ڪيو ويو هو. ڪنهن کي ڪو بہ راز ڏيڻ بجاءِ، هوءَ اٿنسيَس کي پنهنجي خاص ۽ گجهي ڪمري ۾ وٺي وئي ۽ هن جي حفاظت ڪرڻ جو جائزو هڪ دوست واري نفاست ۽ نوڪر واري محنت ۽ خدمت جي جذبن سان ڪرڻ لڳي. جيستائين خطرو جاري رهيو، هوءَ پڙهڻ لاءِ ڪيس ڪتاب ۽ ڪاڏو پيتو باقاعدگيءَ سان ڏيندي هئي. سندس پير ڏوئيندي هئي، ۽ سندس خطَ پٽ ۽ تحريرون سنياليندي هئي ۽ تمام هوشياريءَ سان ڪنهن شڪ ۽ گمان کي ويجهو اچڻ نہ ڏيندي هئي ڇو تہ ٻنهي جي وچ

ٻر هڪ تمام نازڪ رشتو هو. هوڏانهن هڪ بزرگ هيو جنهن جي ڪردار جي گهُرج بيداغ ۽ الزامن کان پري رهڻ واري هئي ته ٻي طرف هڪ نوجوان الهڙ ڇوڪري هئي جنهن جو حسن ۽ مقناطيسي ڪشش اڻ جهل جذبن کي جاڳائي ٿي سگهي.[142] ڇهن سالن جي اذيتن ۽ جلاوطني دوران انتسيَس پنهنجي وفادار ۽ سچي سائيءَ ڏي اڪثر ڪري ڇڪر لڳائيندو رهندوهو ۽ هن هڪ باقاعدگيءَ وارو اظهار ڪيو ته هن رِمني ۽ سلوشيا[143] جي ڪائونسلن کي ڏنو هو. اهو انڪشاف اسانکي اعتبار ڪرڻ لاءِ مجبور ٿو ڪري ته هو سندن وڏي اجلاس دوران خفيہ طور تي اُتي موجود هيو. پنهنجن دوستن سان گفتگو ڪرڻ جا فائدا حاصل ڪرڻ، دشمنن ٻر ٽوٽ پوڻ کي نظر ٻر رکڻ ۽ ان کي وڌيڪ وڌائڻ، اهي لياقتون فقط هڪ دوراندیش مدبر ٻر ئي ٿي سگهن ٿيون جيڪو هڪ جرئت واري مهم ۽ خطرناڪ ڪر ٻر هٿ وجهي، ۽ اليگزئندريا، ڏڏي، واپار ۽ ساموندي رستي ذريعي بحيرۂ روم جي هر بندر سان ڳنڍيل هو. سندس پاڇ يا پهچ کان ٻاهر واپسي توڙي جو بيحد مشڪل هئي پر بهادر بشپ، آريَنس جي محافظن خلاف هڪ زبردست، لڳاتار ۽ جرئت واري جنگ شروع ڪري ڇڏي هئي، ۽ سندس وقتائيتون تحريرون، جن کي وڏي محنت سان هر طرف پهچايو ويو هو ۽ جن جو غور سان مطالعو ڪيو ٿي ويو، بيحد فائديمند ۽ اثرائتيون ثابت ٿيون ڇاڪاڻ ته اُنهن ذريعي ڪٿر مذهبي ماٹهن کي متحد ٿيڻ ۽ پنهنجن جذبن کي جوش ٻر رکڻ جو اتساهه ٿي مليو. پنهنجين دفاعي ۽ عوامي تحريرن ٻر جن ٻر هو سڌو سنوَن شهنشاهه سان مخاطب ٿيو هو، شروع ٻر اعتدال قائم رکڻ خاطر سندس تعريف ڪري ٿو، پر ساڳئي وقت، لڪل ۽ سخت ڪاوڙ واري لهجي ٻر، هو ڪانسٽنٽيَس کي وائکو ڪندي ڪيس ڪمزور ۽ بدڪار حاڪر ٿو ڪوئي جيڪو سندس خاندان جو قاتل، جمهوريہ جو آمر ۽ ڪليسا ٻر سندس حيثيت حضرت عيسيٰ (ع-س) جي مخالفن واري هئي. سندس بيحد خوشحاليءَ وارن ڏينهن ٻر، سوپ ماٹيندڙ حاڪر، جنهن ڪٹلَس کي سندس اُبهرائپ تي تنبيهہ ڪئي هئي، ۽ سِلوانس جي بغاوت کي ڪچليو هو، ۽ جنهن وِٹرانيو جي مٹي تان تاج لاهي پنهنجي مٹي تي رکيو هو ۽ مٹگنينٽيَس جي فوجن تي بہ فتح حاصل ڪئي هئي، اڃ سجاتل هٹن ذريعي ڪيس هڪ زخر رسيو هو جنهن کي نہ ته ڇُٽائي ٿي سگهيو ۽ نہ وري ان جو بدلو وٺي ٿي سگهيو، ۽ ڪانسٽنٽائن جو پٽ، عيسائي شهنشاهن ٻر پهريون هيو، جنهن اُنهن اصولن جي طاقت جو تجربو ڪيو هو جيڪي، مذهب جي مقصد کي مٹاهين ڪرڻ لاءِ، شهري اختيارن جي سخت خطرناڪ مرحلن جو بہ آسانيءَ سان مقابلو ڪري سگهن ٿا ۽ اُنهن کي روڪي بہ سگهن ٿا.[144]

انتسيَس ۽ ٻين ڪيترن ئي مانوارن بشپن، سچ ۽ حق وارن پنهنجن نظرين تي قائم رهڻ سبب اذيتون ۽ تڪليفون سٹيون يا گهٽ ٻر گهٽ پنهنجي ضمير کي زندهہ رکڻ خاطر مصيبتون برداشت ڪيون، سواءِ اُنهن جي جيڪي انڌي تقليد ڪندي آرين فرقي سان لاڳاپجي ويا هيا. ماٹهن کي پنهنجن مهربانن ۽ محسنن جي تڪليفن تي سخت افسوس هيو جن جي جلاوطني ڪانپوءِ وري جيڪا وڌيڪ زيادتي ساڻن ڪئي وئي ته هڪ ڏارئي ماٹهوءَ کي[145] ٻاهران گهرائي بشپ جي مٹاهين ڪرسيءَ تي ويهاريو ويو هو، ۽ هنن زوردار آوازن سان شڪايت ڪئي ته اليڪشن جي اصول ۽ حق جي لتاڙ ڪئي وئي هئي، ۽ ٻيو ته ڪين مجبور ڪيو ٿي ويو ته هڪ ڪرايي تي آندل غاصب جي حڪمن جي فرمانبرداري ڪئي وڃي، جنهن جي شخصيت ڇاتل سجاتل يا نالياري نہ هئي ۽ سندس اصول ڪافي مشڪوڪ ۽ مبهم هيا. ڪٹرلڪن دنيا وارن تي ثابت ڪرڻ ٿي چاهيو ته جيڪڏهن ڪا ڳڙبڙ يا شور ڪٹان پيدا ٿي پيو ته هو ان

لاءِ ذميوار نہ هوندا ۽ ٻيو ته ڪليسائي گورنر جي خطائن ۽ فرقيواريت لاءِ به هو ڪو ذمو نہ ڪٽندا بلڪ هو ماڻهن جي اڳيان پنهنجا اختلاف ظاهر ڪرڻ جي جرئت ڪن ٿا. ۽ اهو به پري ڪونهي ته هو سندس برادريءَ کان ئي هميشہ واسطي الڳ ٿي ويندا. هن تجويز جو پهريون طريقو ائنٽڪ ۾ ايجاد ڪيو ويو هو. جنهن تي ايتري ته ڪاميابيءَ سان عمل ڪيو ويو جو اهو سرشتو بنادير سڄي عيسائي دنيا ۾ پکڙجي ويو. خدا جي تعريف يا پاڪ مناجات، جنهن ذريعي ٽن جو شان بيان ٿئي ٿو، سُٹي ۾ مادي ترڪيب جو ڏس ڏئي ٿي ۽ هڪ مذهبي طريقي يا فرقي وارن طرفان جيڪڏهن حمد ۽ ثنا کي بيان ڪبو ته ان ۾ يا ته هن کي جدا ڪرڻ جو يا هڪ ٻئي کي مضبوطيءَ سان ملائي هڪ ڪرڻ وارو روح ۽ جذبو شامل هوندو. ٻيا به طريقا ٿي سگهن ٿا، جيئن عبادتن جي وڏن مذهبي ميڙن ۾ سُر ۽ وٽندڙ آوازن ۾ مناجاتون پڙهيون ويندیون هيون،[146] جن کي فلئوئينَس ۽ ڊايوڊورَس شروع ڪرايو هو. جيڪي ٻہ مذهبي عام درجي وارا انسان هيا ۽ اڳتي هلي نائيسين عقيدي سان وابستہ ٿي ويا هيا. انهن جي رهبريءَ ۾ پروارن بيابانن منجهان ٻاوَن جا لشڪر نڪري نروار ٿيا هيا، انڪانسواءِ سُريلن ۽ سِڪيا ورتل ڳائڻن جا ٽولا پڻ ائنٽڪ جي ڪليسا ۾ جمع ٿي ويا هيا ۽: "ربَّ (پيءُ) تنهنجو شان، پُٽ تنهنجو شان ۽ پاڪ روح تنهنجو شان."[147] وڏن ۽ گڏيل آوازن ۾ ڳائيندا ٿي ويا پر ڪٽولڪن پنهنجي اصول جي نج-پڻي ۽ سچائيءَ جي بنياد تي آرين پادريءَ جي بيعزتي ڪئي جنهن عزت واري يوسٽٽيَس جي تخت تي زوريءَ قبضو ڪري ورتو هو. ساڳيو جذبو جنهن کين ڳائڻ تي آماده ڪيو هو، هڪ ٻي مذهبي پارٽي جي مانائتن ميمبرن کي به رِبس ڏياري هئي ته پنهنجون اسيمبليون جدا ٿاهن جيڪي نائب پادرين جي حڪمن هيٺ هلنديون هيون. اهو سلسلو سندن جلاوطن ٿيل بشپ جي موت تائين جاري رهيو. جنهن سندن چونڊون ڪرايو هيون ۽ پادرين جي نئين رهبر جي پاڪائيءَ جون رسمون به ادا ڪرايون هيون.[148] محلات جي انقلابن نوَن دعويدارن کي جنر ڏنو ۽ ڪانسٽنٽيَس جي دوَر ۾ ساڳيو شهر فتني ۽ فساد جو ڳڙھ ٿي ويو هو جنهن ۾ ٻہ، ٿي نہ بلڪ چار بشپ ٿي ويا هيا، جن پنهنجن پنهنجن پوئلڳن تي روحاني اختيار استعمال ڪرڻ شروع ڪيا ۽ واري واري سان ڪليسا جو ظاهري ۽ دنياوي قبضو به حاصل ڪندا رهيا ته انکي وڃائيندا به رهيا. عيسائيت جي ذاتي ۽ غلط استعمال، روم جي حڪومت ۾ آمريت، بغاوت ۽ غداريءَ جا نوان سبب پيدا ڪيا. شهري سوسائٽيءَ جي وجود کي مذهبي فرقن جي ڪاوڙ ۽ تعصبن ٽوڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو هو ۽ هڪ معمولي شهري، جنهن خاموشيءَ سان شايد مختلف شهنشاهن جي "چوٽيءَ تي پهچڻ ۽ سِر ۾ هيٺ ڪِرڻ" جي منظر نامي جو جائزو ورتو هوندو ته ان نتيجي تي پهتو هوندو بلڪ تجربو ڪيو هوندو ته سندس پنهنجي زندگي ۽ قسمت ٻہ ان ڪليسائي شخصيت سان لاڳاپيل هئي جيڪو ماڻهن ۾ بيحد مقبول هجي. هن گاديءَ جي هنڌن: روم ۽ قسطنطنيہ جو مثال، شايد شهنشاهت جي ان وقت واري حالت جي نمائندگي ڪري ۽ ڪانسٽنٽائن جي پٽن جي حڪومت جي دوَر ۾ انسان جي طبيعتن ۽ مزاجن بابت به ڪي اهر انڪشاف ڪري.

I روم جي وڏي بشپ، جيستائين هن پنهنجي مرتبي ۽ اصولن کي قائم رکيو، کي تمام گهٽن ماڻهن جي عزت توڙي حفاظت ۽ حمايت جي پنيرائي حاصل رهي. ۽ ڪيس ايترا اختيار هيا جو فرقي پرست حاڪم جي دعائن، خطرن ۽ خير خيراتن کي نفرت منجهان رد ڪري ٿي سگهيو. جڏهن ڪڏهن مخفي طريقي سان لاٽبيريَس جي جلاوطنيءَ

جو اعلان ڪيو هو، تہ گوڙ گهمسان جو شڪ جيڪو مضبوط بنيادن تي ڪيو ويو هو، ڪين سزا تي عمل ڪرائڻ ۾ تمام انتهائي احتياط ڪرڻ تي آماده ڪيو هو. گاديءَ جي هنڌ ۾ هر طرف کان حفاظت جا پورا انتظام ڪيا ويا هيا، ۽ مُنهندار کي حڪم ڏنو ويو هو تہ هو بشپ کي يا تہ ڪنهن فريب ذريعي يا اختيارن جي زور تي فورن گرفتار ڪري. حڪم جي بنادير تعميل ٿي ۽ لائيبريس کي اڌ رات جو وڏي مشڪل سان فرمان پهچايو ويو جيڪو ان وقت روم جي ماٿهن جي پهچ کان ٻاهر هو، ۽ جڏهن ڪين خبر پئي تہ سندن حيراني پريشاني سخت ڪاوڙ ۽ تيش ۾ بدلجي وئي. جيئن ئي ڪين تفصيلي خبر پئي تہ ڪيس ٽريس ۾ جلاوطن ڪيو ويو هو، هنن پنهنجي جنرل اسيمبليءَ جو اجلاس ڪوٺائي ورتو ۽ روم جي مذهبي ماٿهن، عوام جي آڏو قسر کٽي عزم ڪيو تہ هو پنهنجي بشپ سان بيوفائي هرگز نہ ڪندا، سندس ساٿ ڪڏهن بہ نہ ڇڏيندا ۽ ڪڏهن بہ غاصب فيلڪس کي تسليم نہ ڪندا، جيڪو ڪڏڻ جو، زور تي، غيرقانوني طرح چونڊيو ويو هو ۽ سندس پاڪائيءَ جون رسمون هڪ لاديني ۽ ناپاڪ محل ۾ ادا ڪيون ويون هيون. هن سالن کانپوءِ بہ سندن نيڪيءَ واري ضدي ڪيفيت پوريءَ طرح قائم هئي جنهن ۾ ذري جيترو بہ لوڏو يا لرزو نہ آيو هو ۽ جڏهن ڪانسٽنٽيس روم جي دوڙي تي اُتي پهتو تہ هو ماٿهن جي لڳاتار ڦٽ لعنت ۽ حملن جو نشانو بڻبو رهيو، جن پنهنجي قديمي آزاديءَ جي هڪ سڻي باقيات طور پاڻ وٽ اهو حق محفوظ ڪري ڇڏيو هو تہ، ضرورت پوڻ تي، هو پنهنجي حاڪر سان بي ادبي ۽ گستاخيءَ جو روٻير رکڻ لاءِ بااختيار هوندا. ڪيترن سينيٽرن ۽ عزت وارن شهرين جي زالن کي پنهنجي مڙسن تي لائبيريس جي حق ۾ فيصلو ڏيڻ تي زور پرڻ کانپوءِ، مشورو ڏنو ويو تہ هو وفد جي صورت وٺي پنهنجا مطالبا پاڻ ڪٽي وڃن، جيڪي سندن هٿن ۾ گهٽ خطرناڪ لڳندا ۽ ائين ڪرڻ سان عين ممڪن هو تہ ڪين ڪاميابي حاصل ٿئي. شهنشاهہ هنن نمائنده عورتن جو مانائتي نموني سان استقبال ڪيو ۽ ساٿن سهڻي طريقي سان پيش آيو جن جي دولت ۽ سندن شان شوڪت جو اندازو سندن ڪپڙن ۽ زيورن منجهان ئي صاف نظر اچي رهيو هو تہ هو ڪيترين نہ وڏن گهراڻن سان تعلق رکندڙ هيون، هن سندن غير لچڪيدار عزم جي تعريف ڪئي جيڪو سندن دلين ۾ پنهنجي محبوب رهنما لاءِ هيو توڙي جو اُهو هاڻي زمين جي تمام ڪٽيل ۽ پرانهن پنڌڻ تي موجود هيو. ۽ نيٺ ان ڳالهہ تي راضي ٿيو تہ بہ بشپ، لائبيريس ۽ فيلڪس پنهنجن پنهنجن مذهبي ميڙن جي قيادت ڪندا ۽ صلح ۽ امن امان کي بہ قائم رکندا. پر برداشت ۽ سهپ جا خيال، اڪثر ڪري عملي زندگيءَ جي بلڪل اُبتڙ هوندا آهن ۽ ان وقت جي جذبن ۽ روٻين جي بہ بلڪل خلاف هيا، جنهن جو ثبوت اهو هو تہ جڏهن ڪانسٽنٽيس جي جواب کي روم جي سرڪس ۾ عوام جي اڳيان پڙهيو ويو تہ گڏجي ڪر ڪرڻ جي اهڙي مناسب تجويز کي ٽوڪ ۽ نفرت منجهان رد ڪيو ويو. سخت ڪاوڙ ۽ ناراضگي، جيڪا تماشبينن جي دلين توڙي دماغن ۾ چوٽ چڙهي وئي هئي، اُها گهوڙن جي ڊوڙ جي موقعي تي فيصلائتي گهڙيءَ جي صورت ۾ نظر اچڻ لڳي ۽ خبر تڏهن پئي جڏهن سڄي سرڪس ۾ هزارين ماٿهن هڪ ئي وقت تي هڪ آواز ٿي وڏيون رڙيون ڪندي نعرا هڻڻ شروع ڪيا: "هڪ خدا، هڪ عيسيٰ ۽ هڪ بشپ." روم جي ماٿهن جو لائبيريس جي حق ۾ جوش ۽ جنوني جذبو فقط لفظن تائين محدود نہ هيو ۽ جيڪو خطرناڪ ۽ خوني فساد هنن ڪانسٽنٽيس جي وڃڻ کان فورن پوءِ برپا ڪيو هو، ان شهنشاهہ کي نيٺ مجبور ڪري ڇڏيو تہ جلاوطن وڏي بشپ جا مطالبا مڃي ۽ گاديءَ جي هنڌ تي ساڳئي رتبي تي کيس واپس آڻي تہ جيئن هو

اکيلو وڏي بشپ جي عهدي تي پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري. ڪجهہ غير مؤثر رنڊڪ ڪانپوءِ، سنڊس مخالف ڪي، شهنشاهہ جي اجازت سان شهر مان ڪڍيو ويو ۽ مخالف ڏر جا اختيار اهي هيا تہ فيلڪس جي پوئلڳن کي گهٽين ۾، تفريح گاهن ۾، غسلخانن ۾، ان حد تائين جو ڪليسائن ۾ پي ٻيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو ۽ عيسائي بشپ جي واپسيءَ تي، روم جي چهري، ماريس واري قتلام جي يادن، ۽ سُلا +[149] جي قتل جي فتوائن جي تاريخ کي ڏهرائي ڇڏيو هو.

!! فلئوين خاندان جي دؤر ۾ عيسائين جي تمام تکڙي واڌ جي باوجود، روم، اليگزئنڊريا ۽ شهنشاهت جا ٻيا وڏا شهر، اڃا تائين لادينن ۽ مذهب جي منڪرن سان پريا پيا هيا ۽ اُنهن جا ماڻهو ڪافي طاقتور ۽ اثر رسوخ رکندڙ هيا جيڪي خوشحاليءَ سان حسد ڪندا هيا ۽ اُهي ڪليسا جي مذهبي بحثن ۽ جهڳڙن تي طنز مان چٽرون ڪندا هيا. قسطنطنيہ فقط هڪڙو ئي اهڙو شهر هو جنهن لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ اُهو ڇڻ ڇائوئي عقيدي منجهہ هو ۽ مهذب سکيا ۽ تعليم ۾ سنڊس مذهب واري رهي هئي، مشرق جو هي گاديءَ جو هنڌ ڪڏهن ۾ بتن جي پوڄا ذريعي گندو نہ ٿيو هو ۽ اتان جي سيني ماڻهن ۾ خيالن، اخلاق عادتن ۽ جذبن جي سڻائي ۽ سُهٽائي پرپور طريقي سان پريل هئي جن ان دؤر جي عيسائين کي پوري انسانذات کان نيارو ۽ نمايان ڪري ڇڏيو هو. سڪندر جي مرڻ ڪانپوءِ پادريت جي تخت تي پال ۽ مئسيڊونيس اعتراض اٽاريا هيا. سندن جذبن ۽ لياقتن سبب انهن ٻنهي اهڙو وڏو مرتبو يقينن لهڻو تي جن جي ڪين خواهش هئي، ۽ جيڪڏهن مئسيڊونيس جو اخلاقي ڪردار ڪجهہ گهٽ اعتراض جهڙو هيو تہ سنڊس مخالف کي پهرين چوند ۽ زياده پڪن پختن مذهبي اصولن جي ڄاڻ جو فائدو وڌيڪ هيو. نائيسين عقيدي سان سنڊس پختي لاڳاپي، پال جي نالي کي درويشن ۽ شهيدن جي لسٽ ۾ درج ڪري ڇڏيو هو، جنهن آريئس کي هن جي خلاف ناراض ڪري ڇڏيو هو. ڇوڏهن سالن جي عرصي ۾، ڪيس پنج دفعا سنڊس سخت تان هٽايو ويو هو، ۽ وري ان مٿاهين مقام تي بادشاهہ جي مرضيءَ سان نہ پر فقط تشدد ذريعي پهچندو رهيو هو، ۽ مئسيڊونيس جي اختيارن کي فقط سنڊس مخالف جي موت سان ئي بحال ڪري پيو سگهجي ورنہ ٻيو ڪو بہ چارو ڪو نہ هو. پر بدقسمت پال کي ميسوپوٽئميا جي واريءَ جي بيابانن ۽ زنجيرن ۾ جڪڑي ڇهليو ويو ۽ ڪيس اهڙيون اذيتون ڏئي تئورس جبل[150] جي بربادين تائين پهچايو ويو جتي هڪ سوڙهي ۽ اونداهي ڪوٺڙيءَ ۾ ڪيس بند ڪيو ويو. ڇهن ڏينهن تائين ڪيس ڪاڏو بہ نہ ڪارايو ويو ۽ آخرڪار فلپ جي حڪم تي، جيڪو شهنشاهہ ڪانسٽنٽيس جي مڪيہ وزيرن منجهان هڪ هو، ڪيس ڪُهٽا ڏئي ماريو ويو.[151] نئين گاديءَ جي هنڌ ۾ هي پهريون رت هو، جنهن کي ڪليسائي ضد ۽ هٺ ۾ وهايو ويو ۽ ماڻهن جي سخت فسادن ۽ خوني جهڳڙن ۾ ٻنهي طرفن جا ڪيترائي ماڻهو قتل ڪيا ويا. پال جي جلاوطني تي عمل ڪرائڻ تي جيڪا ٽربيونل ناهي وئي هئي، انجي اڳواڻي هرموجينس ڪري رهيو هو جيڪو فوج جو وڏو جنرل هو. پر پوءِ حالتن ثابت ڪيو تہ ان تي عمل ڪرائڻ خود هن لاءِ مرتمار ثابت ٿيو. ڪئٿولڪس پنهنجي بشپ جي حفاظت لاءِ اُٿي ڪڙا ٿيا، هوموجينس جي محلات کي ساڙيو ويو، شهنشاهت جي پهرئين فوجي آفيسر کي پيرن جي ڪُڑين ۾ رسا وجهي قسطنطنيہ جي گهٽين ۾ گهليو ويو ۽ جڏهن هو مري ختر ٿي ويو تہ پوءِ بہ سنڊس لاش کي بيعزتو ۽ بيحُرمتو ڪيو ويو.[152] هرموجينس جي ذلت واري مثال، شاهي مُنهندار فلپ جا ڪَن ڪڙا ڪري ڇڏيا تہ اُهو اڳتي لاءِ اهڙن موقعن

تي انتهائي احتياط کان ڪر ونڻي. سهڻي ۽ عزت واري طريقي سان، ڪيس زيڪسيپَس جي غسلخانن ۾ پال جي حاضريءَ جي ضرورت هئي جن ۾ ذاتي طور تي محلات ۽ سمنڊ سان رابطي جي سهولت موجود هئي. هڪ جهاز جيڪو باغ جي ڏاڪڻ جي ڀر ۾ لنگر انداز هو، رواني ٽيڻ لاءِ بلڪل تيار بيٺو هو. اُن هاڻي هلڻ شروع ڪيو ۽ جڏهن ته ماٺهو ايجا تائين ان بيحرمتيءَ کان بيخبر هيا، سندن بشپ اڳ ۾ ئي ٽيسلونيڪا وڃڻ لاءِ جهاز ۾ سوار هو. اُنهن وڏي حيرت ۽ سخت ناراضگيءَ سان، محلات جا گيٽ زور سان کُلندي ڏٺا ۽ غاصب مئسيڊونيَس هڪ تانگي نما گاڏيءَ تي منهنڊار سان گڏ نمايان ويٺو هو جيڪا فوجي محافظن سان چؤگرد وکوڙيل هئي ۽ جن جي هٿن ۾ اگهاڑيون تراريون هيون. فوجي قافلو جلوس جي صورت ۾ ڪليسا ڏانهن روانو ٿيو. آريَنس ۽ ڪئٿولڪس ٻنهي وڏي شوق ۽ جنون سان اهو اهر مرتبو ماڻڻ ٿي چاهيو ۽ ٽي هزار هڪ سؤ پنجاهه ماڻهن ان ڏينهن افراتفري ۽ وٽ وٽان ۾ پنهنجين حياتين جا ڏيئا وسائي ڇڏيا. مئسيڊونيَس، جنهن کي فوج جي ڪليل حمايت حاصل هئي، هڪ واضح ۽ فيصلائتي سوچ حاصل ڪئي، ۽ سندس حڪومت جو دوَر شور شرابن ۽ فسادن جي نذر ٿي ويو ۽ جيڪي سبب ڄاڻايا ويا، تن جو جهڳڙي ۽ فساد برپا ڪرڻ سان رتيءَ ماتر به تعلق ڪو نه هو. ۽ اُهي ئي شهري اختلافن کي وڌيڪ وڌائڻ ۽ خراب ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ ڪافي هيا. جيئن ته اُها گرجا، جنهن ۾ وڏي ڪانسٽنٽائن جي جسر کي رکيو ويو هو، بري ۽ تباهه حالت ۾ هئي، تنهنڪري بشپن سندس عزت واري خاڪ کي سينٽ اڪسيَس جي گرجا ۾ منتقل ڪري ڇڏيو. هن دوراندیشي ۽ نيڪيءَ واري قدم کي به اُنهيءَ ڏر طرفان بدڪاري واري بيحرمتي يا لادينيت جو نالو ڏنو ويو جنهن جو هوموسين (ٽن جي ايڪي) ۾ اعتقاد هو. ٻنهي ڏرين طرفان هٿيار اُپا ٿي ويا ۽ جيڪو پاڪ ميدان هيو اُهو جنگ جو ميدان بڻجي ويو ۽ ان متعلق هڪ ڪليسائي تاريخدان پنهنجو مشاهدو بيان ڪندي اسانکي ٻڌائي ٿو ته ڪليسا جي سامهون جيڪو ڪُوهه هو، اُهو رت جي ريلن سان پرجي ٻاهر وهي رهيو هو جنهن ڇهراٽن ۽ پروارن گهرن کي به داغدار ڪري ڇڏيو هو. تاريخدان وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته منهنجي هن بيان کي جوش يا جنون جي اوبر نه سمجهيو وڃي پر اهو سچي حقيقت جو عڪاس آهي، جيڪو ليڪڪ فقط مذهبي اصولن کي هٿن فسادن جو ڪارڻ سمجهي، سو انساني فطرت جي شايد پوري ڄاڻ نه رکندو هوندو، تنهن هوندي به اها ڳالهه مڃڻي پوندي ته جنهن مقصد، جوش ۽ جذبن کي گمراهه ڪيو هيو ۽ جنهن دعويٰ، جذبن جي ڇڙواڳي ۽ ابتريءَ کي لڪايو هو، ان ضمير جي ملامت ۽ پڇتاءَ جي احساس کي به ڏهائي ڇڏيو هوندو جيڪو، ڪنهن ٻي صورتحال ۾، قسطنطنيه جي عيسائين کي ڪاوڙ ڏيارڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ها.[153]

ڪانسٽنٽيَس جو ظالماڻو ۽ هڪ طرفو روَيو، جنهنکي ڪاوڙائڻ لاءِ غلطين ۽ رڪاوٽن جي هروپرو ڪا خاص ضرورت نه هوندي هئي پر گاديءَ جي هنڌ جي وڳوڙي حالتن ۽ هڪ فرقي جي ڏوهي ڪردار سبب جنهن پنهنجي حاڪر جي اختيارن توڙي مذهب جي مخالفت ٿي ڪئي، هو سخت ڪاوڙجي ۽ آپي ڪان ٻاهر نڪري ويو هو. موت، ملڪ نيڪالي ۽ ملڪيت جي ضبطي جون رواجي سزائون هلڪي سختيءَ سان ڏنيون ويون هيون ۽ يوناني ايجا تائين ٻن ڪلارڪن، هڪ ريڊر ۽ هڪ نائب راهب جي پاڪ يادن کي ايجا تائين عزت ۽ قدر جي نگاهه سان ڏسن ٿا جن تي هوموجينس جي قتل جو الزام هو جنهن جو سِر قسطنطنيه جي گيٽ وٽ ڏڙ کان ڌار ڪيو ويو هو. ڪئٿولڪس جي خلاف، ڪاسٽنٽيَس جي فرمان کي، ٿوڏوسين ڪوڊ موجب، ڪابه نمايان حيثيت حاصل ناهي، اُهي جن آرين بشپ ۽

خاص طرح مسيحيونيس سان رابطي قائم ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو. اُنهن کي ڪليسائي رعايتن ۽ عيسائين جي حقن کان محروم ڪيو ويو هو؛ کين مجبور ڪيو ويو ته اُهي ڪليسائن جو قبضو خالي ڪن، ۽ کين سختيءَ سان روڪيو ويو هو ته هو شهر جي ديوارن اندر پنهنجا ميڙ، ميٽنگون يا جلسا وغيره هرگز نه ڪري سگهندا. ٽريس ۽ ايشيا مائنر جي صوبن، هن ناجائز قانون تي عمل ڪرائڻ جي ذميندارين مسيحيونيس تي رکي هئي، شهري ۽ فوجي اختياري وارن کي هدايت ڪئي وئي هئي ته سندس حڪمن جي فرمانبرداري ڪن ۽ هن اڏوگابري آرين آمر هومُوسين جي حق ۾ جيڪي ماٺهن تي ظلم ڪيا اُهي بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهن ۽ ڪانسٽنٽينس جي حڪومت تي هڪ بدنما داغ جيان آهن. ڪليسا جون رسمون اُنهن تي ادا ڪيون ويون جيڪي ان لاءِ تيار نه هيا جن پنهنجي سچائپ ڪرائڻ کان انڪار ڪيو ۽ مسيحيونيس جي اصولن کان سخت نفرت جو اظهار ڪيائون. پاڪ غسل جون رسمون، عورتن ۽ ٻارن تي ادا ڪيون ويون جن کي ان مقصد جي لاءِ، دوستن ۽ اُنهن جي والدين جي ٻانهن مان زوريءَ چِنيو ويو هو. پيغام ڏيندڙن جي وات کي هڪ ڪاٺ جي مشين ذريعي زوريءَ کوليو ويو هو ته جيئن پاڪ تيل ماني زبردستيءَ سان سندن نِڙين مان اندر ڪري سگهجي، نازڪ ڪنوارين جي ٻُبن کي يا ته گرم آنن سان ساڙيو ويو يا وري کين تِکن ۽ ڳرن فريمن جي وچ ۾ ڪري اُنهن کي زور سان چيپائيو ويو.[154] قسطنطنيه ۽ پرپاسي وارن ملڪن جي نوويٽينس، جيڪي هوموسُين جي جهنڊي سان سچاتا ٿي ويا، اُهي ان قابل ضرور هيا جو کين ڪئٿولڪس وارن سان گڏ اُنهن جي سچاٽ ڪرائي وڃي يا سندن نسبت ڳنڍي وڃي، مسيحيونيس کي ٻڌايو ويو هو ته پلاگونيا جو هڪ وڏو ضلعو ذري گهٽ سڄي جو سڄو ان فرقي وارن سان پريو پيو هو. هن پڪو پهه ڪيو ته يا ته سندن مذهب تبديل ڪرايو ويندو يا کين تباهه ڪيو ويندو ۽ جيئن ته هُن، هِن موقعي تي ڪليسائي مهر تي ويساهه نٿي ڪيو، هن چئن هزار فوجين جي جٿي کي تيار ڪيو ته باغين تي حملو ڪن ۽ مئنٽينيَر[155] جي علاقي کي سندس روحاني حڪر هيٺ آندو وڃي. نوويٽين هارين پنهنجي همت ۽ مذهبي طاقت جي آسري تي، پنهنجي ملڪ تي حملي ڪندڙن جو سخت مقابلو ڪيو ۽ تورڙي جو پلاگونيا جا ڪيترائي ماڻهو قتل ڪيا ويا، رومي فوجون، جن جا هٿيار فقط کاڙيون ۽ ڏاتا هيا ۽ پوريءَ طرح منظم به نه هيا، بري شڪست کائي ويا ۽ اُنهن مان ڪيترا ته ذليل ٿي ميدان ڇڏي وڃي پڳا ۽ سندن چار هزار فوجي جنگ جي ميدان تي ئي مري ويا. ڪانسٽنٽيَس جي جانشين تمام مختصر بيان ۾ خنده مزاجيءَ مان ڪجهه مذهبي تڪليفن جو بيان ڪيو آهي جن شهنشاهت کي ڪافي پريشان ڪري ڇڏيو هو ۽ خاص طرح مشرق ۾، ۽ اهو سيڪجهه ان شهنشاهه جي وقت ۾ ٿيو هو جيڪو پهريون پنهنجين خواهشن ۽ پوءِ ڪڏڻ جو غلام هو. "ڪيترن ماڻهن کي جيل ۾ بند ڪيو ويو ۽ کين اذيتون ڏنيون ويون ۽ جلاوطن پڻ ڪيو ويو. جڏهن ته فرقيوارن جي فوجن کي قتلام ڪيو ويو خاص طرح تي سزيڪَس ۽ سموساتا ۾. پلاگونيا، بٽنيا، گلاٽيا ۽ ٻين به ڪيترن ئي صوبن ۾ شهر ۽ ڳوٺ سڄ ٿي مڪمل طور تي تباهه ڪيا ويا".[156]

هڪ طرف آريَنس جي تضادن ۽ اختلافن سڄي شهنشاهت جو رَت چُوسي ڇڏيو هو ته ٻي طرف آفريڪا جي صوبن ۾ سندن خاص دشمنن جو زهر ڦهلجي ويو هو. جيڪي وحشي ۽ جنوني، سرڪمسيليَن جي نالي ۾ ڊونٽسٽ پارٽي جي لقب سان طاقت وٺي ويا هيا.[157] ڪانسٽنٽائن جي قانونن تي سختيءَ سان عمل ڪرائڻ سبب ماڻهن ۾

بيچيني ۽ مخالفت جو زور وڌي ويو هو ۽ سندس پٽ ڪانسٽنس جون ڪليسا جي اتحاد کي واپس ورائڻ جي ڪوشش پڻ ٻنهي طرفن کان نفرت ۽ ناراضگي پيدا ڪري ڇڏي جنهن جي نتيجي ۾ پهريون ته ٻنهي ۾ علهدگي ٿي ۽ زور يا بگاڙ جا ٻيا طريقا جيڪي ٻن شاهي ڪمشنرن پال ۽ مئڪرينس اختيار ڪيا هيا، ٿوٽ وجهندڙن کي، حوارين جي اصولن ۽ سندن ڪرڙن دعويدارن جي رويّن جي وچ ۾ سخت تضاد مان ناجائز فائدي وٺڻ جو موقعو ملي ويو هو.[15] جيڪي هاري ناري، نيوميديا ۽ ماريٽنيا جي ڳوٺن ۾ رهندا هيا، وحشي ۽ خونخوار قبيلي سان تعلق رکندا هيا، جيڪي غلط طريقي سان روم جي قانونن هيٺ اچي ويا هيا ته اُهي اوتري ئي غلط نموني عيسائي عقيدي سان وابسته ٿي ويا. پر جن جي دلين ۾ ڊونٽسٽ فرقي جي استادن لاءِ انڊي عقيدت ۽ جذباتيت پريل هئي ته اُنهن پنهنجن بشپن جي جلاوطنيءَ جي بيدلي ۽ ناراضگيءَ مان حمايت ٿي ڪئي ته ساڳي وقت پنهنجين ڪليسائن جي ڌاهڙ ۽ سندن مخفي ميڙن ۾ مداخلت ڪرڻ تي به هو سخت ناراض هيا. انصاف جي شعبي طرفان متن تشدد، جيڪو گهٽو ڪري فوجي محافظن طرفان ٿيندو هو، ڪڏهن ڪڏهن اختياري وارن کي به اوتري ئي تشدد جو جواب ملندو هو، ۽ ڪن مشهور پادرين جو رت، جيڪو ڪنهن جهيڙي ۾ وهيو هو، سندن چڱ ويڙين پوئلڳن ۾ سندن شهيدن جي بدلي وٺڻ جي باهر ٻاري ڇڏيندو هو. اذيتن پهچائڻ وارا وزير پنهنجن ظلمن ۽ اُبهرائي وارين ناجائز حرڪتن سبب، ڪين سخت ناراض ڪري ۽ تيش ۾ آڻي ڇڏيندا هيا ۽ ڪنهن اتفاقي حادثي جو الزام به متن مڙهيو ويندو هو ته اهي مجرم آپي ڪان ٻاهر نڪري ويندا هيا ۽ فساد فتنو پيدا ڪري ڇڏيندا هيا. نيٺ ڪين پنهنجن گهرن ۽ ڳوٺن مان تڙي ٻاهر ڪڍيو ويو ته ڊونٽسٽ هاري ٿورن ۽ لُٽيرن جو خطرناڪ روپ ورتي، گيٽوليَن جي بيابانن ۾ اچي رهيا ۽ پنهنجي زندگيَ هاٿي صفا آزاد ۽ رولُو رهزنن جيان گذارڻ لڳا ۽ ان کي به هنن مذهب جو پاڪ نالو ڏنو جنهن کي سندن فرقي جي وڏڙن ۽ بزرگن به ڇڻ ڏڇندي ۽ گهيرائيندي نٻديو هو. سرڪمسيليَس جي ليڊرن پنهنجي لاءِ "درويشن جي ڪٽيٽن" جو لقب چونڊيو. سندن خاص هٿيار ڏنڊا هيا جيڪي وڏا ۽ وزندار هيا جو ته وٽن پالا ۽ تراريون يا ته هيون ئي ڪين يا وري بيڪار هيون. پنهنجن ڏنڊن ۽ لٺين کي هو "اسرائيلائيٽ" چوَندا هيا ۽ جنگ جي شروع ٿيڻ وقت هو ڏنڊي استعمال ڪرڻ کان اڳ وڏي آواز سان "رب-تنهنجي نالي سان شروع" يا "اي پاڪ رب تنهنجو نالو اڳ ۾" چوندا هيا جنهن سان آفريڪا جي صوبن جي بي هٿيار ماڻهن ۾ خوف ۽ هراس ڇانئجي ويندو هو. شروعات ۾ سندن ٿرمار فقط سندن ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ هئي، پر پوءِ فقط گذران ڪرڻ کان ڳالهه گهٽي وڌي وئي ۽ هاٿي هو پڪا ڏوهاري ۽ مجرم بڻجي ويا. شراب نوشيءَ، لوڀ لالچ ۽ عياشين ۾ پڻجي ويا. اُنهن ڳوٺن کي به باهيون ڏئي سازيائون جن کي پاڻ لٽيو هيائون ۽ هڪ ڪليل ملڪ ۾ شهراني شغلن ۾ به ڪاهي پيا ۽ پنهنجي دنيا جا حاڪر ۽ آمر بڻجي ويا. هارپ ۽ ٻني ٻاري جي ڏنڊي توڙي انصاف جي انتظامن ڪرڻ ۾ سندن طرفان خلل ۽ رڪاوٽون وڌيون ويون، ۽ جيئن سرڪمسيليَن فرقي وارن، انسانذات جي اوائلي برابريءَ کي، سندن دعوائن موجب، واپس آڻڻ ٿي چاهيو ۽ شهري سوسائٽي جي خرابين کي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ جا خواهشمند پڻ هيا ته اُنهن غلامن ۽ قرضدارن لاءِ هڪ "محفوظ اجهي" کي قائم ڪيو. جيڪي لشڪرن جي صورت ۾ سندن پاڪ جهنڊي هيٺان جمع ٿيڻ شروع ٿي ويا. جڏهن ڪو به سندن رستي-روڪ نه ڪندو هو ته پوءِ هو فقط لٺ مار ڪري مطمئن ٿي موٽندا هئا، پر سندن ٽورڙي به مخالفت يا رندڪ وجهڻ تي هو تپي باهه ٿي

ويندا هيا ۽ تشدد ۽ ماٹھن کي مارڻ ۽ قتل ڪرڻ جي شغل ۾ لڳي ويندا هئا؛ ۽ ڪجھ ڪٹولڪ پادرين جڏھن پنھنجن جذبن جو غير ضروري اظھار ڪيو تہ اُنھن کي تڪليفون پھچايون ويون ۽ مھذب وحشي پٹي سان سندن مرمت ڪئي وئي، سرڪمسيلينس جو جذبو فقط اُنھن خلاف استعمال نہ ٿيندو ھو جيڪي بنان ھٿيارن جي ھوندا ھيا ۽ سندن دشمن پڻ ھوندا ھيا، پر ھو صوبي جي فوجين سان بہ وڙھندا ۽ کين شڪستون ڏيندا ھيا. بگائي جي رت واري راند ۾ اُنھن ميدان ۾ وڃي ھڪ شاھي محافظ مٹان جرئت مان حملو ڪيو پر سندن بھادريءَ کي ڪاميابي نصيب نہ ٿي. ڊونٹسٽ جن کي ھٿيارن سميت گرفتار ڪيو ويو ھو. ساٹن اھو ورتاءُ ڪيو ويو جيڪو ھڪ جھنگلي جانور سان ڪيو ويندو آھي ۽ جيڪو ھنن لھٹو بہ ھو. گرفتار ڪيل ڪنھن بہ پُڻ پُڻ ڪرڻ کانسواءِ ماريا ويا توڙي پوءِ کين تراريا کھاڙي سان مري ۽ باھ ۾ ساڙيو ويو ھو، ۽ جوابي ڪارروايون بہ اوتريون ٿي خطرناڪ ٿيندیون ۽ وڌنديون رھيون جن فسادن جي خطرن کي بہ تيز ڪري ڇڏيو ۽ ھاڻي ٻنھي طرفن کي ھڪ ٻئي کي معاف ڪرڻ جا امڪان بہ ختم ٿيندا ويا. موجوده صدي جي شروعات ۾ سرڪمسيلينس جي مثال کي اذيتن، بھادري، ڏوھہ ۽ ڪٹميسردس جي جوش ۽ جنون ذريعي تازو ڪيو ويو آھي، ۽ جيڪڏھن لٹنگٹباڪ جي وحشين، فوجي معرڪن ۾ نيوميڊيا وارن کي بہ مات ڏئي ڇڏي آھي تہ آفريڪا وارن جي جرئت واري آزادي قائم رکڻ جو ھڪڙو سبب اھو بہ ٿي سگھي ٿو جنھن ۾ سندن عزم ۽ لڳاتار جدوجھد جو وڏو ھٿ آھي.[159]

اھڙي حد کان وڌيڪ افراتفري، مذھبي ظلم ۽ بربريت جو فطري نتيجو آھي، پر ڊونٹسٽن جي ڪاوڙ جي باھ جو پڙڪو ٿي نراليو ٿي نظر آيو ۽ جيڪو جيڪڏھن منجھن ايڏا وڌيڪ عرصي لاءِ اوتروئي ٿي چوٽيءَ واري درجي جو رھي ھا تہ پوءِ ان انتھائي جنوني ڪيفيت جو مثال نہ تہ ڪنھن ملڪ ۾ ۽ نہ وري ڪنھن دؤر ۾ نظر اچي ھا. ڪيترن ٿي ڊونٹسٽن وٽ پنھنجي زندگيءَ جا پوائتا خوف خطرا ڇڻ سندن ڪيسي ۾ پيا ھوندا ھئا ۽ جڏھن ۽ جنھن وقت بہ چاھيندا ھيا تہ کين شھادت نصيب ٿئي تہ پوءِ ڪجھ نہ ڪجھ خطرناڪ ڪر بنادير ڪري ڇڏيندا ھئا تہ جيئن سندس خواھش پوري ٿئي پوءِ اُھا ڪھڙي بہ طريقي ۽ ڪنھن جي بہ ھٿ سان کين ماريو وڃي، ان جي ڪا پراھ کين نہ ھوندي ھئي، اُھي بس مري ويندا ھيا، جيڪڏھن سندن روَيي جي تصديق کين ٿي ويندي ھئي تہ جيڪو ڪجھ ھنن ڪيو ٿي اُھو سندن مذھب جي شان شوڪت وڌائڻ لاءِ ھيو ۽ جنھن ذريعي کين دائمي خوشي ۽ سڪون ميسر ٿي سگھندو.[160] ڪڏھن ڪڏھن ھلندڙ ميلن ملاکڙن ۾ ڪڏي ڪاھي پوندا ھيا ۽ جشنن ۾ مداخلت ڪندا ھيا ۽ لادينن جي مندرن جي بيحرمتي ڪندا ھيا، سندن نيت اھا ھوندي ھئي تہ جوشيلا بت پرست، پنھنجن خدائن ۽ ديوتائن جي بيعزتي ٿي انتقام وٺڻ لاءِ اُٿي پوندا، ۽ کين مارينداِ ۽ اھڙيءَ طرح کين شھادت ملندي. ھو ڪڏھن ڪڏھن انصاف جي ڪورٹن ۾ بہ اوچتو ٽپو ڏئي ڪِھڙي پوندا ھيا ۽ خوف ۾ ھيسيل جج کي مجبور ڪندا ھيا تہ ھو سندن موت لاءِ جلد حڪنامو جاري ڪري. ھو اڪثر ڪري وڏين شاھراھن تي رستي ويندڙن کي روڪيندا ھيا ۽ کين نماٹو ٿي عرض ڪندا ھيا تہ ھو کين اھڙو زبردست ڏڪ ھڻن جو بنادير کين شھادت ملي وڃي ۽ ائين ڪرڻ تي کين انعام ڏيڻ جو بہ واعدو ڪندا ھيا، واٹھڙن کين مارڻ لاءِ ھا ڪئي تہ بھتر، پر جيڪڏھن اھڙي عجيب ۽ انوکي آڇ ۽ آس کان ھو انڪار ڪندا ھيا تہ پوءِ کين ٿي مرڻو پوندو ھو. جڏھن ھو ٻين ذريعن کان نااُميد ٿي پيا تہ، اُنھن اڳواٹ اعلان ڪري ھڪ ڏينھن مقرر ڪيو

جنهن تي پنهنجن برادريءَ جي ماڻهن ۽ دوستن جي موجودگيءَ ۾، هو هڪ بلند چوٽيءَ واري جبل تان مُنهن ۾ پاڻ کي اڇلائيندا. هن سلسلي ۾ پهاڙن جون ڪيتريون چوٽيون ڏٺيون ويون ۽ اُنهن جو معائنو ڪيو ويو. جن جي مشهوري مذهبي خودڪشين سبب اڳ ۾ ئي ٿي چڪي هئي. اهڙن اٿنر جوشيلن جي عملن جي ڪري جن کي سندن پارٽيءَ طرفان خدا جي راهه ۾ شهيد ڪوٺيو ٿي ويو ته ٻي ڏَر طرفان کين نفرت منجهان شيطان جا پوئلڳ سڏيو ٿي ويو. بهرحال هڪ غيرجانبدار فيلسوف ان سڄي حقيقت جو تجزيو ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙن اٿموٽ جذبن جي ناجائز طريقي جي به چند چاڻ ڪري سگهي ٿو جيڪي حقيقت ۾ يهودين جي ڪردار ۽ اصولن منجهان اختيار ڪيا ويا هيا.

اندروني اختلافن ۽ تضادن جو مختصر بيان جنهن امن امان کي تباهه ۽ ڪليسا جي وقار کي بيحرمتو ڪري ڇڏيو هو، ان لاءِ تاريخدان جي هڪ بيان جي تصديق ڪندو ۽ معزز بشپ جي شڪايت کي جائز هٿ جي سندَ به ڏيندو. اميئينَس جي تجربي کيس يقين ڏياريو هو ته عيسائين جي هڪ ٻئي سان دشمني، انسان جي خلاف وحشي جانورن جي ابتريءَ کي به مات ڏئي وئي هئي،[161] ۽ گريگري نازيا نزين ڏڪ ۽ تڪليف منجهان بيحد افسوس جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته جنت جي بادشاهي فقط اختلافن سبب ئي نه رڳو مونجهارن ۽ طوفاني انڌارن بلڪ خود جهنم ۾ تبديل ٿي چڪي هئي.[162] ان وقت جي جوشيلن ۽ هڪ طرفن ليڪڪن، جن سڀ نيڪيون ۽ چڱايون رڳو پاڻ سان منسوب ڪيون آهن ۽ سيئي برايون ۽ تهمتون پنهنجن مخالفن تي مڙهيون آهن، اهڙن شديد اختلافن ۽ تضادن جي معاملي کي هنن فرشتن ۽ شيطانن جي وچ ۾ جنگ جو نالو ڏنو آهي. پر اسانجي، اعتدال پسندي ۽ نرميءَ وارن دليلن مطابق، بدي ۽ نيڪيءَ جي حمايت ڪرڻ وارا هڪ طرفا راڪاس، ڪجهه مناسب رويو نٿا رکن، ۽ اسان ڪوشش ڪنداسين ته جنهن جيترو الزام لهڻ، انصاف ۽ برابريءَ موجب ان تي اوترو مڙهيو وڃي ۽ جيڪي هڪ ٻئي جي مخالف فرقا آهن ته اُنهن جي برائي يا پلائيءَ جا الزام پڻ انصاف موجب ڏنا وڃن ۽ فقط اهو چوڻ ڪافي نه ٿيندو ته هڪڙا ڪٽر مذهبي آهن ته ٻيا ڦوٽ وجهندڙ يا فرقي بازيءَ سان تعلق رکندڙ آهن. انهن جي تعليم ساڳئي مذهب واري هئي ۽ ٻنهي ڌرين جو تعلق ساڳي شهري سوسائٽيءَ سان هيو. سندن هاڻوڪي وقت توڙي مستقبل جون اُميدون ۽ خطرا ٻنهي ڌرين لاءِ برابريءَ وارا هيا. ٻنهي طرفن کان ممڪن آهي معصوميت ۽ غلطيون ٿيون هجن، ٻنهي جي عقيدي ۾ سچائي به هوندي پر اُنهن تي عمل ڪرڻ وقت کنهن کان چڱائي ته کنهن کان برائي ٿي هوندي. ساڳين ڳالهين ۽ ساڳين شين سندن جذبن کي اپاريو هوندو. پر غلط فهميءَ ۾ اُنهن ماڻهن جي حمايت يا مخالفت جو هڪ ٻئي تي الزام لڳايو هوندو. اٺنسيَس توڙي آريَنس جا مابعدالطبيعاتي خيال ۽ جذبا سندن اخلاقي ڪردار کي هرگز متاثر نه ڪري سگهيا، پر اُنهن جي به رهبري هڪ ٻئي کي برداشت نه ڪرڻ وارن رويَن ڪئي جيڪي انجيل جي نج ۽ سادن اصولن منجهان ورتا ويا هيا.

هڪ جديد ليکڪ، * جنهن پنهنجي تاريخ سان گڏ ٻيا سياسي توڙي فلسفي وارا عزت جهڙا لقب پڻ ملايا آهن،[163] مانٽيسڪيو جي بزدليءَ واري دوراندیشيءَ تي الزام هنيو آهي ته هن شهنشاهت جي زوال جي سببن منجهان ڪانسٽنٽائن جي قانون، جنهن ذريعي لادينن جي عبادت کي مڪمل طرح دٻايو ويو هو ۽ ٻيا موضوع پڻ بيان نه ڪيا آهن جهڙوڪ پادرين، مندرن ۽ ڪنهن به مجيل مذهب بابت ڪجهه بيان ڪرڻ جهڙي معلومات پڻ ڇڏي وئي آهي، هڪ

فيلسوف تاريخدان جي، انسانذات جي حقن لاءِ جذبي کيس اُنهن پادرين جي مشکوک شاهدي تي، رضامند رهڻ لاءِ پنهنجي آمادگي ڏيکاري آهي جن پنهنجي محبوب موضوع يعني انسانن لاءِ عام اذيتن، جو گهڻ ڀر گهڻ ذکر کيو ويو آهي.[164] هن تصوراتي قانون تي الزام مڙهڻ جي بجاءِ، جيکو شاهي اصولن ۽ ضابطن جي سامهون جرڪي ۽ چمڪي ها، اسان آسانيءَ سان ان اصلي خط جو حوالو ڏيون تا جيکوڪانسٽئنٽائن قديمي مذهب جي پوئلڳن ڏانهن ان وقت لکيو هو جڏهن هن پنهنجي مذهب جي تبديليءَ کي ماٺهن کان لکائڻ جي ضرورت نٿي محسوس ڪئي ۽ نه وري ان وقت کيس پنهنجي تخت جي دشمنن کان ڪو به خوف يا خطرو هو. هو روم جي شهنشاهت جي ماٺهن يا پنهنجي رعيت وارن کي دعوت ڏئي متن اخلاقي زور تو پري ته هو پنهنجي مالڪ جي مثال جي ڪاپي ڪن؛ پر ساڳي وقت واضح لفظن ۾ کين تنبيهه به ڪري تو ته جيکي ماٺهو ايجا تائين به پنهنجين اکين کولڻ کان انڪار ٿا ڪن ۽ بهشتي نور ڏسڻ کان محروم رهڻ جا خواهشمند آهن ته اُنهن کي خوشيءَ سان اجازت آهي ته پلي پنهنجن مندرن ۽ خيالي خدائن سان خوش رهن ۽ اُنهن کي ملهائن. هڪ خبر هُلي وئي ته لادينن جي جشنن کي ملهائڻ نه ڏنو ويو هو پر ان جي ترديد شهنشاهه خود ڪئي هئي جو ته هو عقلمنديءَ مان اها ڳالهه مڃيندو هو ۽ اهو عنصر سندس فطري اعتدال پسنديءَ ۾ شامل هيو ته عادت، ڪُٽ يا اَوگڻ ۽ وهم وسوسا اهڙيون فطري طاقتون هيون جن کان انڪار نٿو ڪري سگهجي.[165] پنهنجي واعدي کي نه ٽوڙيندي ۽ لادينن کي کنهن به شڪ يا گمان ۾ مبتلا نه ڪندي يا اُنهن کي تشويش ۾ مبتلا ڪرڻ کانسواءِ، هن پنهنجو هر قدم سوچي سمجهي، آهستي ۽ احتياط سان کنيو ته جيئن گهٽن خدائن جي مدي خارج ۽ فضول عقيدي کي آهستي آهستي ختم ڪيو وڃي. ڪڏهن ڪڏهن سختي ڪرڻ جا جزوي قدم هو کڻندو هو، توڙي جو اُهي عيسائي جذبن سٺ هوندا هيا پر اُنهن کي هو انصاف ۽ عوام جي پلائيءَ جو رنگ ڏيندو هو، ۽ ايترو ته چالاڪ هو جو هڪ طرف هو قديمي مذهبن جي ڪرتاهين کي ٺيڪ ڪرڻ ۽ اُنهن ۾ بهتري آڻڻ جو تاثر ڏيندو هو ته اندروني طرح ۽ چپ چاپ ۾ اُنهن جي بنيادن کي تباهه ڪرڻ جون سازشون به پيو سِٽيندو هو. پنهنجن دوراندیش ۽ ڏاهن ابن ڏاڏن جي مثال کانپوءِ، هن پيشنگوين جي فنڪاريءَ جي ڳجهن ڪمن جي نه فقط سخت مذمت ڪئي پر اهڙن ڪمن کي جاري رکڻ وارن تي سخت ڏنڊ لاڳو ڪيا چو ته ايندڙ وقت جو اڳواڻ حال ٻڌائڻ سان ماٺهن ۾ اجايون اُميدون پيدا ٿي ٽيون جنهن جي نتيجي ۾ ۽ خاص طرح جڏهن آسُن ۽ ارمانن موجب ايئن نه ٿيو جيئن کين آسرا ڏنا ويا هيا ته پوءِ ماٺهن ڏوهن ۽ مجرماڻن ڏنڊن ڏانهن رجوع ٿي ڪيو. اهڙيءَ طرح سان معجزن جي ڪرتبن کي به ختم ڪيو ويو ۽ اهڙن ماٺهن کي، ڪوڙ، فريب ۽ ٺڳيءَ کي اڳتي وڌائڻ جي جرم ۾ سزائون ڏنيون ويون، نيل جي ڪنارن تي ويٺل زناٽين وصفن رکڻ وارن پادرين کي ختم ڪيو ويو ۽ ڪانسٽئنٽائن اڳتي هلي محتسب جون ذميواريون به پوريون ڪرڻ لڳو جڏهن هن فونيشيا جي ڪيترن ئي مندرن ڍاهڻ جا حڪم جاري ڪيا، جن ۾ ڏينهن ڏني جو زنا ڪاري کي مذهب جي اوٽ ۽ وينَس جي شان ۽ مان جي آڙ ۾ جاري رکيو ويندو هو.[166] قسطنطنيه جو شاهي شهر، گهٽو ڪري يونان ۽ ايشيا جي شاهوڪار مندرن جي ڍاهڻ منجهان ٺهيو هو جو اُتان بيشمار دولت هٿ آئي هئي جنهن مان پوءِ شهر کي وڌيڪ سينگارڻ سنوارڻ جو ڪر به هٿ آيل ناٽي منجهان ٿيو هو؛ جنهن به ملڪيت کي مقدس سمجهي پاسيرو رکيو ويو هو، ضبط ڪئي وئي، ديوتائن ۽ سورمن جي مجسمن کي اُنهن ماٺهن کان کٽائي هي جڳهه تي منتقل

ڪيو ويو هو جو تہ اُهي اُنهن کي عبادت لائق نہ سمجهندا هئا پر ڪين حيرت ۽ تجسّس واريون شيون سمجهندا هيا؛ سون ۽ چانديءَ کي ماڻهن جي عام استعمال ۾ آڻڻ لاءِ ان ۾ چرپر پيدا ڪئي وئي ۽ مئجسٽريٽن، پادرين ۽ ڪدڙن، شين ۽ روَين جي سڌاري آڻڻ جي اهڙي موقعي کي غنيمت سمجهندي، پنهنجن جوش جذبن، لوڀ لالچ، خوشين ۽ ناراضگين کي خوش ۽ مطمئن ڪرڻ چاهيو هو. پر هيءَ ڪُمار رومي دنيا جي فقط هڪ ننڍري حصي تائين محدود هئي، باقي شهنشاهت جا صوبا تہ گهڻي عرصي کان وڃي هن ناپاڪ ڪُرلُڻ کي برداشت ڪرڻ جا جڙ عادي بنجي چڪا هيا، جو ڪجهہ شهنشاهن، ۽ گورنرن جي آمرين اهڙن ابتريءَ وارين حالتن جي ذميدار هئي جن تي مجيل مذهبن خلاف ڪنهن سازش جو شڪ هرگز نہ پيو ڪري سگهجي.[167]

ڪانسٽنٽائن جا پٽ پنهنجي پيءُ جي قدمن مطابق هليا جن ۾ جذبو تہ گهڻو هو پر فيصلي جي قوت منجهن گهٽ هئي. ڪُمار ۽ اذيتن جون دعوائون ۽ شڪايتون تمام گهڻيو وڌي ويون هيون،[168] عيسائين جي غيرقانوني روَش بابت ڪين نرمي ۽ شفقتن سان‌ڪين سمجهايو ويو ۽ لادينيت جي نقصانن جي خلاف سيني شڪن ۽ گمانن کان ڪين آگاهہ ڪيو ويو ۽ مندرن جي ڍاهڻ کي، ڪانسٽنس ۽ ڪانسٽنٽيس جي حڪومت ۾، هڪ نيڪ سؤڻ سمجهي ان کي ملهايو ويو.[169] ڪانسٽنٽيس جو نالو هڪ ننڍڙي قانون کان اڳ آيل آهي جيڪو ايندڙ وقت جي بندشن ۽ منع نامن جي ضرورت کان بہ مٿيرو آهي. "اسان کي اهو اعلان ڪندي خوشي ٿي رهي آهي تہ سيني جڳهن ۽ سيني شهرن ۾ مندرن کي فورن بند ڪيو ويندو ۽ ان کان پوءِ انهنجي پوري حفاظت ڪئي ويندي تہ جيئن ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي اها جرئت نہ ٿئي تہ ٻين جي مذهبي جذبن کي ڏکايو وڃي. ساڳي وقت اهو اعلان ڪندي بہ اسان کي خوشي ٿي رهي آهي تہ رعيت جا سيئي ماڻهو قربانيون ڏيڻ بند ڪن، جيڪڏهن ڪو بہ ماڻهو آئندہ لاءِ هن حد ۽ جي خلاف ورزي ڪندو تہ اُهو پڪ سان انتقام جي ترار جو نشانو بڻبو ۽ ڪيس مارڻ کانپوءِ ان جي ملڪيت کي بہ ضبط ڪري عوامي پلائي ۽ بهبود جي ڪمن ۾ استعمال ڪئي ويندي. ساڳي وقت اسين ساڳيون سزائون ۽ ساڳيا ڏنڊ صوبائي گورنرن خلاف بہ مڙهڻ جو اعلان ڪريون ٿا، جيڪڏهن اُهي ڏوهارين ۽ مجرمن کي سزا ڏيڻ ۾ رتيءَ ماتر بہ ڪوتاهي ڪندا."[170] پر ان ڳالهہ کي اعتبار ڪرڻ لاءِ وڏا دليل موجود آهن تہ يا هن فرمان کي فقط ناهيو ويو هو پر شايع نہ ڪرايو ويو هو، يا جيڪڏهن شايع ڪرايو ويو هو تہ ان تي عمل نہ ڪرايو ويو هو. حقيقتن جي شاهدي ۽ يادگار جيڪي ايا تائين بہ موجود آهن جيڪي پٿل ۽ پٿر جا ٺهيل آهن، لادينن جي عبادتن جو واضح ثبوت پيش ڪن ٿا جيڪو ڪانسٽنٽائن جي حڪومت ٽوڙي ڀهراڙين ۾، بيشمار مندر ايا تائين اهڙا بہ هيا جن جي تقدس ۽ احترام کي قائم رکيو ويو هو ۽ کين ڍهڻ کان عياشي ايا بہ حاصل هئي ۽ اهو يا تہ حڪومت جي اڳواڻ اجازت ذريعي يا وري شهري انتظاميہ جي اندروني تعاون سان ممڪن ٿي سگهيو هو. ان حقارت جهڙي فرمان کان چار سال پوءِ، ڪانسٽنٽيس روم جا مندر گهمڻ ويو ۽ سندس سڻي ۽ تعريف لائق رويي جي هڪ لادين تقرير جي ماهر تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي تہ سندس اخلاق ۽ ڪردار ايترو تہ سڻو ۽ عزت وارو هو جنهن جي ڪاپي ايندڙ شهنشاهن کي پڻ ڪرڻ گهرجي." ان شهنشاهہ "سماڪس چوي ٿو، "ڪنوارين ۽ داسين جي حتن جي حفاظت ڪئي تہ ڪين کي ڇهڻ جي بہ جرئت نہ ڪري، هن روم جي اميرن ۽ سردارن کي بشپن وارا اعزاز عطا ڪيا، عوامي ريتن رسمن ۽ قربانين لاءِ پئسا منظور ڪيائين تہ جيئن ثقافتي جشنن کي

ملهائڻ جو بندوبست ڪري سگهجي، ۽ توڙي جو هن هڪ ٻيو مذهب اختيار ڪيو هو، تنهن هوندي به قديم مذهبي عبادتن کي جاري رکڻ کان هن شهنشاهت کي کڏهن به محروم نه ڪيو." [171] سينيٽ ايا تائين اهڙا فرمان جاري ٿي ڪيا ته پنهنجن حاڪمن جي ياد کي پاڪ ڪري اُنهن خدائن ۽ ديوتائن سان سندس نالي کي اربيو ويو هو جن کي هو پنهنجي زندگيءَ ۾ چڏي به چڪو هو ته کين برو پلو به چوَندو هو. لقب، نشانيون، حق ۽ اعزاز جيئن، حاڪر، بشپ وغيره، جنهن جي شروعات نوما ڪئي هئي ۽ آگسٽس ان کي اختيار ڪيو هو ۽ سَڀن عيسائي شهنشاهن پڻ اُنهن کي بنادير قبول ڪيو هو ۽ جن کي ان مذهب لاءِ وڌيڪ اختيار سوڀنپيا ويا هيا جن کي هو چڏي چڪا هيا، سواءِ ان مذهب جي جن کي هنن هاڻي اختيار ڪري رکيو هو. [172]

عيسائيت جي اندروني ڦوٽ ۽ اختلافن سبب لادينيت کي ختم ڪرڻ [173] جي تجويز ۽ عمل کي في الحال ملتوي ڪيو ويو هو ۽ منڪرن خلاف مقدس جنگ کي به شهنشاهن توڙي بشپن طرفان اڳپرو نه ڪيو ويو هو ڇاڪاڻ ته کين هاڻي جيڪو خطرو سندن وجود کي وکوڙي ويو هو ته اُهو اندروني خانه جنگي ۽ فسادن جي شروع ٿيڻ جو هو. بت پرستيءَ جي پاڙ پٽڻ [174] کي، اَسهڻ يا مذهبي ڪٽرپڻي جي مڃيل اصولن موجب جائز ڪري ٻيو سگهجي، پر جيڪي هڪ ٻئي جي مخالف فرقا هئا، جن واري واري سان شاهي محلن ۾ حڪومت ٿي ڪئي، کين خدشو هو ته اُنهي فرقي کي پاڻ کان جدا نه ڪري چڏين بلڪ کين صفا ناراض نه ڪري چڏين جيڪو تمام طاقتور هو، توڙي جو اُهو پوئين دؤر ۾ ڪجهه ڪمزور ٿي چڪو هو. اختيارن ۽ فيشن، دلچسپي ۽ دليلن جي اختيارن جو هر قدم ۽ مقصد هاڻي عيسائيت طرف گامزن هو، پر جيستائين سندس سوڀ وارو اثر ۽ دٻدٻو هر طرف پکڙي ۽ ماڻهن کي پوريءَ طرح خبر پوي، تيستائين هن ٽن نسلن جي وچ ۾ وڏي اڇي وئي. جيڪو مذهب، دير تائين ۽ دير سان رومي شهنشاهت ۾ هليو ۽ شروع ٿيو، بيشمار ماڻهن طرفان ان جو احترام ڪيو ويو جيڪو قديمي سرشتي سان وڌيڪ ۽ اندازي ۽ فرضي خيالن سان گهٽ وابسته هيو. ملڪ توڙي فوج جا اعزاز ڪانسٽنٽائن ۽ ڪانسٽنٽيَس جي رعيت جي سڀني ماڻهن کي ڪجهه عجيب طريقي سان عطا ڪيا ويا هيا، ۽ ڇاڻ ۽ دولت جو ڇڳو خاصو حصو توڙي بهادريءَ جو جذبو گهٽن خدائن جي عبادت سان ايا تائين به گهٽي ياگي لاڳاپيل هيو. سينيٽر هجي يا هاري، شاعر هجي توڙي فيلسوف، سڀني جا وهر وسوسا مختلف سببن ۽ مقصدن ذريعي شروع ٿيا هيا، پر اُنهن سڀني جو ميلاپ وڏي ۽ هڪ جيتري عقيدي سان ديوتائن جي مندرن ۾ ٿيندو رهيو. سندن مذهبي جوش، غير محسوس ٿيندڙ طريقي سان ان فرقي جي فخر جي احساس جي بيعزتي ڪرڻ سان وڌيڪ اُڏمي ۽ اُتساهه سان پڙهڪو ڪاڏو، جن جو نالو موت جي لسٽ ۾ شامل هيو ۽ سندن اُميدون وري مضبوطيءَ واري اعتماد سان ٻيهر زندهه ٿي ويون ته شهنشاهت جي امڪاني وارث، جيڪو نوجوان ۽ جوشيلي سورمي جي صورت ۾ اپريو هو ۽ جنهن گال کي بربرن جي چنبي مان آزاد ڪرايو هو، پنهنجن ابن ڏاڏن جي مذهب کي خاموشيءَ مان اختيار ڪري چڏيو هو.

باب - ايڪيهون

حاشين بابت وضاحتون.

1. يوسيبيَس (ڏِٺ ڪانسٽنٽائن - iii, 63,64,65,66)

* (اهڙي قسر جي مختلف فرقن جا حوالا پندرهين ۽ سورهين بابَ ۾ ڏنل آهن.)

+ (آهستگيءَ سان، غير محسوس ٿيندڙ طريقي سان)

2. ٽليمانٽ، بيوسوير ۽ لاردنر وغيره جي مختلف راين جي چنڊ چاڻ ڪندي آءُ ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ مينس جي طبقي هن فرقي جو پرچار گهٽ ۾ گهٽ 270ع تائين تہ فارس ۾ ب نہ ڪيو هو. اها بهرحال عجب جهڙي ڳالهہ آهي تہ فلسفياڻي ۽ ڏاڙئي طريقي جي لامذهبيت آفريڪي صوبن ۾ ڪيئن تيزيءَ سان پيرَ کوڙي وئي؛ ان جي باوجود آءُ مئنيڪيَنس جي خلاف ڊائڪليشيَن جي فرمان کي آسانيءَ سان رد نٿو ڪري سگهان جنهن کي بئرونيَس ۾ ڏسي سگهجي ٿو. (تاريخوار واقعا (ڪليسائي 287)

‡ (غير اهر)

3. "ڪانسٽنٽائن ڪوشش ڪئي تہ مئنيڪيَنس ۽ انهن سان لاڳاپيل لامذهب فرقن جي ڪردار کي گهٽو جاچي جوچي، پُرجهي ۽ پروڙي." اميئينَس (اسٽائڪن جو پوئلڳ) (xv-15) ، هڪ باڪمال ماڻهو هو جنهن کي ميوسونئينَس جو خطاب ملیو جيڪو آريَن فرقي جو عيسائي هيو. هو ساردِيڪا جي ڪائونسل جو اهر ڪائونٽ يا مُنهندار هيو. لبينيَس سندس نرم طبيعت ۽ دوراندیشي کي گهٽو ساراهيو آهي.

4. ٿيوڊوسين ڪوڊ - (xvi, v, 2) جيئن تہ عمومي قانون کي ٿيوڊوسين ڪوڊ جو حصو نہ بنايو ويو آهي تہ اهو عين ممڪن آهي تہ سال 438ع ۾ جن فرقن کي نِندي ۽ رد ڪيو ويو هو، سي اڃ ۾ ئي غائب ٿي چڪا هيا.

5. سوزومين (i,22) سقراط (i,10) هِنن تاريخدانن تي سندن نوويٽيَن متي سان لاڳاپيل هڻڻ جو شڪ ڏيکاريو ويو آهي، پر منهنجي نظر ۾ ان جو ڪو ب مناسب سبب يا دليل نظر نٿو اچي. شهنشاهہ، بشپ کي چيو: "اَئسيَس، ڪا ڏاڪڻ ۽ ان تي چڙهي پاڻهي بهشت ۾ پهچي وڃ." لڳي ٿو تہ ڪيترن ئي عيسائي فرقن واري واري سان اَئسيَس جي ڏاڪڻ ڪانئُس اُڌاري وٺي ڪر پئي هلايو آهي.

6. ڪليسائي تاريخ جي هِن حصي جو بهترين مواد آپٽئَس مِليوينٽئينَس جي اشاعت ۾ موجود آهي جيڪو ايبر-ڊُوپن طرفان 1700ع ۾ پئرس ۾ چپرايو ويو. جنهن جڳهہ جڳهہ تي پنهنجا تجزيا، جاگرافيائي بحث، اصلي دستاويز ۽ سڃي اختلافي مسئلي جو پورو خلاصو سربستو پيش ڪيو آهي. ايبر-ڊي ٽليمانٽ پنهنجي جُلد ۾ ڊونٽسٽن کي ڪافي حصو عطا ڪري چڏيو آهي (vi,i) ۽ آءُ سندس احسانمند آهيان جو هن پنهنجي پسنديده شخصيت سينٽ آگسٽائن بابت سيئي لاڳاپيل حوالا پيش ڪيا آهن جن جو تعلق لادينن ۽ مذهب جي منڪرن سان آهي.

7. " ۽ بڪڙيل عورتن جي ڪاوڙ اختلاف پيدا ڪري چڏيا جن کي فتني هٿي ڏني هٿي ۽ لوڀ لالچ ان کي مضبوط بنايو هو." آپٽئَس (i,19) پرٻوريَس جي زبان هڪ خطرناڪ جنوني ماڻهوءَ جي ٿي لڳي. " توتي اهو الزام آهي تہ تون پنهنجي پيٽ جي ٻن پُٽن کي قتل ڪيو آهي". پربوريَس، جواب ڏنو: "تون سمجهين ٿو تہ اهڙيءَ طرح تون مونکي

ڏيڃاري ڇڏيندين.....مون واقعي کين قتل ڪيو ۽ آءُ اُنهن مڙني کي ماريندو آهيان جيڪي منهنجي مخالفت ڪندا آهن." ائڪنا ڪائونسل - سرٽينسس، آپٽٽس (ص-274) جڏهن سيسيلين کي پادرين جي اسيمبليءَ ۾ سڏرايو ويو تہ ان وقت پريوريس پنهنجن پائرن يا ڏوهہ جي ساٿين کي چيو: "پلي هُو هِتي اچي ۽ اچي اسانجي هٿن جي صفائي ڏسي ۽ اسان پڇتاءَ ذريعي سندس مٿو پڇنداسين." آپٽٽس (i,19) .

* (اُهي جن مقدس ٽائر ٽِپا ۽ پاڪ تحريرون ڊائڪلشين جي آنيسرن کي ڏنيون هيون.)

8. آرلس، نائيسيا ۽ ٽرينٽ جي ڪائونسلن، روم جي ڪليسا جي اعتدال پسندي ۽ عقلمنديءَ واري روَيي جي منظوري ڏني هئي. ڊونٽسٽ، بهرحال، خوش قسمت هيا جو اُنهن سائپرين جي جذبي کي پاڻ وٽ محفوظ ڪري ڇڏيو هو ۽ ساڳي وقت اوائلي ڪليسا جو گهڻو حصو پڻ وٽن محفوظ هيو. وِنسينشيس لِرينينسِس (ص-332-ٽليمانٽ، ڪليسائي يادگيريون vi, 138) واضح ڪيو آهي تہ ڊونٽسٽ شيطان سان گڏ ڇيپون ڏيندڙ باهہ ۾ ٻري رهيا آهن جڏهن تہ سينٽ سائپرين حضرت عيسيٰ (ع-س) سان گڏ بهشت ۾ حڪمراني ڪري رهيو آهي.

9. ڏسو آپٽٽس مِلويٽٽس جو ڇهون ڪتاب (صفحا-100-91)

10. ٽليمانٽ (ڪليسائي يادگيريون- vi, i, 253) هو سندس هڪ طرفي ويساهہ تي ڪِلي ٿو. هو آگسٽائن جو بيحد احترام ڪندو هو جيڪو تقدير جي معاملن ۽ سرشتي جو وڏو ماهر هيو.

* (پنجين صدي جي آخر ۾)

11. " افلاطون مصر جو سفر ڪيو هو تہ جيئن هو ٻربر پادرين کان حساب ڪتاب ۽ آسماني علم (مٽيٽڪ ۽ اَسٽرانامي) وجي پرائي." سِسيرو ڊي فنيبَس (v, 25) مصر جا ماڻهو شايد ايا تائين پنهنجي روايتي ثقافتي مٽيرائيءَ کي قائم رکيون ٿا اچن. جوزفس ڪيترن ئي عيسائي وڏڙن کي قائل ڪري ڇڏيو آهي تہ افلاطون پنهنجي علم ۽ ڏاهپ جو ڪجهہ حصو يهودين کان پرايو هو. پر هي خيال اجايو ٿو لڳي ڇاڪاڻ تہ يهودين جا غير دوستاڻا طور طريقا ۽ غير نمايان حيثيت سان علم ۽ ڄاڻ جو حاصل ٽيڙ غير منطقي ٿو لڳي ڇو تہ سندن تحريرون ۽ ڪتابَ بہ يونانين وٽ تڏهن پهتا جڏهن افلاطون جي مرڻ کي سؤ سالن کان بہ وڌيڪ عرصو گذري چڪو هو. ڏسو مارشير کي تاريخوار واقعن ۾ (ص-144) لي ڪلرڪ - تحريرون (تنقيدي - vii, 177, 194) .

12. جديد دؤر جا رهبر جيڪي مونکي افلاطون جي نظرياتي ڄاڻ ۽ سرشتي طرف وٺي وڃن ٿا، آهي آهن: ڪُدورٽ، (ڏهانت جو سرشتو-صفحا-620-568) بسنيج (تاريخ-ڊي جوئنِس- iv, 4, 53-) لي ڪلرڪ (تنقيدي تحريرون ii, 194-209) ۽ برڪر (فلسفي جي تاريخ i, 675-706) جيئن تہ هنن ليکڪن ۽ مفڪرن جو علم ۽ ڄاڻ ذري ڪهڙ هڪ جهڙي ۽ هڪ جيتري هئي پر سندن نيتون ۽ ارادا مختلف هيا، تہ هڪ جستجو ڪندڙ تجزيي نگار سندن جهڳڙن ۽ اختلافن منجهان، توڙي سندن خيالن جي هڪ جهڙائي منجهان ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور حاصل ڪندو.

13. برڪر (فلسفي جي تاريخ -1357-1349 i,) اليگزئندريا جي فلسفي جي اسڪول جي نمائندگي اسٽرابو (xvii) ۽ اميئينس- xxii, 6) ڪئي آهي.

14. جوزفس (قديمي نسخا - xii, 1, 3) بسنيج (ڊي جوئنس جي تاريخ - vii,7)

15. يهوديت جي فلسفي جي بُڻ بٹياد لاءِ ڈسو يوسيبيَس کي (کليسائي تعليم ۾ - viii, 9,10) فِلو مطابق، طِب جي علم جي فلسفي توڙي ٻرڪُر اهو ثابت ڪيو آهي (فلسفي جي تاريخ-ii,787) تہ اُنهن هميشہ افلاطون جي علم ۽ ڄاڻ کي ئي وڌيڪ اهميت ڈني هئي.

16. ڈسو کالميٽ (انجيل بابت مضمون ۽ مقالا- ii, 277) حضرت سليمان (ع-س) جو "ڈاهپ جو ڪتاب" وڌي احترام مان کيترن بزرگن حاصل ڪيو هو. توڙي جو انکي پروٽيسٽنٽن طرفان فقط انکري رد ڪيو ويو هو تہ انجو بُڻ بٹياد عبراني نہ هيو، ان جي باوجود ٽرينٽ جي ڪائونسل طرفان انجيل جي لاطيني ترجمن جي گڏيل راءِ سان، ان کي منظور ڪيو ويو آهي.

17. فِلو جي افلاطونيت، جيڪا محاوراتي طور بيحد مشهور تي وئي هئي، کي بغير ڪنهن شڪ شبهہ جي لي ڪلرڪ بہ ثابت ڪيو آهي. (تنقيدي تحريرون- viii, 211-228) بسنيج (ڊي جوئنس جي تاريخ - iv, 5) صاف صاف لفظن ۾ پَڪ ڪئي ۽ ڈياري آهي تہ فِلو جون ديني تحريرون، حضرت عيسيٰ (ع-س) جي موت کان اڳ ۽ گهٽو ڪري سندس چمڙ کان بہ اڳ لکيون ويون هيون. علمي انڈاري جي اهڙي دؤر ۾ فِلو جي ڄاڻ ۽ سندس علم، سندس غلطين کان ڪيئي حصا وڌيڪ اهر ۽ نمايان آهي. (بل-دفاعي تحريرون ۾- i,i, 12) .

18. "ڏهانت سڀي ڪائنات ۾ ڇُرپُر ۽ جوش جذبو پيدا ڪري ڇڏي تي ۽ ظاهري ۽ طبعي دنيا سان ملي هِڪ تي وڃي تي." ورجل (اينيڈ- vii, 727) هن ظاهري رُوح کانسواءِ، ڪُدورٿ (اميليس ۾- ص-562) پورفائري، پلوٽينَس ۽ جيئن هو سمجهي تو تہ افلاطون خود پي، هڪ اُن رُوحَ ۾ يقين رکن تا جيڪو تمام مٹاهون، عظيم تر ۽ ڪائنات جي نِجُ روحانيت سان موجزن آهي، پر هِن ٻِئي روح جي حقيقت کي ٻرڪُر، بسنيج ۽ لي ڪلرڪ نٿا مڃين ۽ انکي پوئين افلاطونين جو هڪ وهر، تصور يا خواب خيال تا ڪوٹين.

19. پٽاف (مذهبي، متا ۽ اصول- ii, viii, 2, 791) بُل (دفاعي تحريرون- i, 1, 8, 13) هن خيال يا اصول، جيستائين انکي آريَنس غلط طور استعمال نہ ڪيو هو، کي عيسائي مذهب وارن پنهنجي ذهني آزادي ۽ اطمينان سان اختيار ڪيو هو. ٽرٽوليَن (پرئڪسزير- باب-16) هڪ نمايان پر خطرناڪ ٽڪرو تحرير ڪيو آهي، وڌي خوش طبعي واري ذهانت جو مظاهرو ڪندي ۽ انکي متضاد ڳالهين سان پيٽيندي، هو خدا تعاليٰ ۽ جيهووا (عبراني زبان ۾ الله تعاليٰ جو نالو) جي ڪمن کي ڈسندي ان نتيجي تي پهچي تو تہ: "جيڪو ڪجهہ هتي الله تعاليٰ جي پُٹ لاءِ چيو ويو آهي، اهو جيڪڏهن تحرير هيٺ نہ اچي ها تہ پوءِ انکي ڪو بہ نہ مڃي ها؛ سو شايد اُهي ڳالهيون جيڪي مڃ جوڳيون نہ آهن، سي ئي بابا (پيءُ) لاءِ لکيون ويو آهن."

* (اَٿينس ۾ فلسفي جا اسڪول)

20. افلاطونين، شروعات ۾ سينٽ جان واري انجيل ۾ عيسائيت جي ساراهہ تي ڪئي پو تہ ان ۾ سندن ئي اصولن جو پرچار ڪيل هو. آگسٽائن، ڊي سوينٽٽ، ڊائي (x,29) اميليَس اَپڈُ سائرِل جيڪو جوليَن جو مخالف هو. (viii,283) پر ٽِين ۽ چوٿين صدين ۾، اليگزئنڊريا جي افلاطونين، ممڪن آهي تہ عيسائي مذهب جي چُپ چاپ مطالعي ڪانپوءِ ٽِن (تثليث) جي عقيدي ۾ ڪجهہ وڌيڪ واڌارا ۽ سڌارا آندا هجن.

21. ڈسو بيوسوبر کي (مئيڪزم جي تنقيدي تاريخ ۾- i,377) سينٽ جان موجب انجيل مقدس، حضرت عيسيٰ (ع-س) جي موت کان ستر سال پوءِ ڇپيو هوندو.

22. ايبونائيٽس جي جذبن کي موشيم ڇڳيءَ طرح بيان ڪيو آهي، (ص-331) ۽ لي ڪلرڪ پڻ (ڪليسائي تاريخ- ص-535) ان تي خوب روشني وڌي آهي، "ڪليمينٽائينس" جون تحريرون جيڪي حواري بزرگن طرفان ڇپرايون ويون هيون، سي به، ڪجهه نقادن جي نظر ۾، هن فرقي وارن سان منسوب ڪيون ويون آهن.

23. هڪ پرجوش مذهبي بحث مباحثو شروع ٿيو جيئن ٻُل (ڪليسائي انصاف-باب-2) ۾ نزارينس جي مذهبي ڪٽرپڻي تي زور ڏئي جيڪو موشيم جي نظرن ۾ نِڄ ۽ يقيني نٿو لڳي.

24. حضرت عيسيٰ (ع-س) جي رحم جوڳي حالت ۽ ڪيس رسايل اذيتن جي حقيقت يهودين جي اڳتي وڌڻ ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل رهي آهي. "الله تعاليٰ" مسيحا کي مختلف رنگن ۽ حيثيتن ۾ نمايان ڪيو هو. سندس ڪردار هڪ بادشاهه، هڪ جج ۽ هڪ ريڊار يا ٻڪرار وارو هو، وغيره." ڈسو لمبورچ ايٽ اوروبيو (اميڪا ڪولئٽ-صفحا 8,19,53,76,192-234) ۾ هن اعتراض تي عقيدتمند عيسائي، روحاني طور ايا پاڻ کي متي سمجهڻ لڳا ۽ حضرت عيسيٰ (ع-س) جي روحاني ۽ دائمي بادشاهيءَ تي نظر رکڻ لڳا.

25. جسٽن مارٽر (ڳالهه ٻولهه - صفحا - 144 - 143) ڈسو لي ڪلرڪ (ڪليسائي تاريخ - ص 615) بل ۽ سندس ايديٽر گريب (ڪليسائي انصاف - باب - 7 ۽ ضميمو) ۾ جسٽن جي جذبن کي يا سندس لفظن کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي پر متن جي سختيءَ واري اصلاح سينٽ بينيڊڪٽ جي ايديٽرن به رد ڪري ڇڏي آهي.

26. آريَنس، ڪٽر مذهبي ماڻهن کان نفرت ۽ سندن مذمت ڪئي ٿي هنن "ٽِن" (تثليث) کي وٽلينٽينينَس ۽ مارسيونائيٽس کان حاصل ڪيو هو. ڈسو بيوسوبر (مئيڪزم جي تاريخ - iii, 5,7)

27. "اها ڳالهه اعتبار ڪرڻ جوڳي نٿي لڳي ته خدا ۽ حضرت عيسيٰ (ع-س) جي روپ ۾ "خدا" عورت جي ڇيدانيءَ منجهان ٻاهر آيو.....۽ اهو تصور ڪرڻ به نامناسب ٿو لڳي ته اهڙي هستيءَ لاءِ اهو سوچيو وڃي ته اُها عورت جي گندگي ۽ گِدلاڻ منجهان نمودار ٿي هوندي." دليل باز" مادي (matter) ۽ شاديءَ جي ناپاڪي تي زور ڏين ٿا ۽ اُنهن تي سندن ئي بزرگن غلط معنائن ۽ تشريحن جون تهمتون لڳايون جنهن ۾ آگسٽائن پڻ شامل هيو. (ڈسو بيوسوبر (ii, 523

28. "جوڊيا ۾ ايا تائين موجود حوارين طرفان اُن وقت دعويٰ ڪئي وئي هئي ته حضرت عيسيٰ (ع-س) زندهه هيو ۽ سندس مرده جسم رڳو ظاهري ڏيکُ هيو." ڪوٽيليرَس جو خيال آهي (پئريس حواري موجب - ii,24) ته اُهي جيڪي ڊوسِيٽس (اُهو مذهبي طبقو جيڪو حضرت عيسيٰ (ع-س) جي مرده جسم کي حقيقت نه پر ظاهري ڏيک سمجهي ٿو) کي ان ڳالهه جي اجازت نٿو ڏئي ته اُهي حوارين جي وقت ۾ اُپريا هيا، اهو ائين آهي جيئن ڪو ان ڳالهه کان انڪار ڪري ته سِيُ، منجهند جو تيزيءَ سان نه چمڪندو آهي. هي ڊوسِيٽس جيڪي دليل باز طبقي جو ڪافي گهٽو حصو هيا، اُنهن کي اهو لقب انڪري ڏنو ويو هيو ته اُهي حضرت عيسيٰ (ع-س) جي جسم کي فقط هڪ ظاهري ڏيکُ يا لڪاءُ سمجهندا هيا.

29. اُن احترام جون ڪجھ ثابتيون مليون آھن جيڪو عيسائين جي دلين ۾ افلاطون جي شخصيت تورِّي سندس فلسفي لاءِ موجود ھيو. اھو ڪتاب "ڊي لاموڪي لي وايَر" (v,135 وغيره جيڪو 1757ع ۾ ايڊٽ ٿيو) ۽ بسنيج (ڊي جوئفس جي تاريخ - iv, 29, 79 وغيره) ۾ ڏسي سگھجي ٿو.

30. "مونکي ان ڳالھ تي افسوس ٿو ٿئي تہ افلاطون، دين جي منڪرن ۽ فرقي بازن لاءِ اُتساھيندڙ بنجي ويو آھي." اھو ٽرٽولين (ڊي-ائنيما-باب-23) جو خيال آھي. پِتاويَس (مذھبي اصول - 2 ,iii) ۾ ھڏائي تہ مٿي بيان ڪيل شڪايت عام ھئي، بيوسوبر (i, iii, 9, 10) دليل بازن جون غلطيون، افلاطوني اصولن منجھان ھٿ ڪري ڪڍيون آھن؛ ۽ جيئن اليگزئندريا جي فلسفي جي اسڪول ۾ ٿيو ھو، اُھي اُصول مشرقي فلسفي سان جوڙيا ويا ھيا (ِبرڪر ,i) (1356 ۽ بيوسوبر جي راءِ ڪي موشير جي نقطۂ- نظر سان گڏ محفوظ ڪجي تہ مناسب ٿيندو. (ڪليسا جي عمومي تاريخ - i, 37)

31. جيڪڏھن ائننٽڪ جو بِشپ، ٽيوفيليَس، (ڏسو ڊُوپن (ڪليسائي تاريخوار واقعا- i, 66) پھريون شخص ھو جنھن ٽِن يا ٽمُورتي (تثليث) جو لفظ پھريون پيرو استعمال ڪيو، تہ اھو تجريدي استعارو جيڪو فلسفي جي اسڪولن ۾ اڳ ۾ ئي رائج ھيو، عيسائي مذھبي عقيدي ۾، يقين سان چئي سگھجي ٿو تہ اھو لفظ ٻي صدي عيسوي جي وچ ڌاران ڪنھن بہ وقت داخل ٿيو ھوندو.

32. اَلنئسيَس (i, 808) ھنجي اظھار ۾ وڏي طاقت آھي جيڪا عام رواجي نہ آھي ۽ جيئن تہ ھاوَن ڏانھن لکندو رھندو ھو تہ ھن لاءِ ڪو اھڙو موقعو ئي ڪونہ آيو تہ ھو قومي ھوليءَ تي اثر انداز ٿي سگھي.

33. ھڪ مقالو، جنھن ۾ ديوتائن جي فطرت بابت، اوائلي فيلسوفن جا خيال ۽ رايا سمجھايا ويا آھن، تہ اھڙي صورتحال ۾ اسانکي يقين آھي تہ افلاطون جو، ٽِن (تثليث) بابت مذھبي نظريو بہ سمجھايل ھوندو. پر سِسيرو ايمانداريءَ سان اھا ڳالھ تسليم ڪئي تہ ٽوڙي جو ھن جڳ مشھور ڪتاب "تائميَس جو ترجمو ڪيو ھو، ان جي باوجود ان جي رازداريءَ جي معنيٰ ۽ مفھوم کي ھو نہ سمجھي سگھيو ھو. ڏسو-ھيرونم کي (پريف-ائڊ-xii عيسائيا ۾ - v,154) .

34. ٽرٽولينَ (دفاع نامي ۾ - باب - 46) ڏسو بيل کي (ڊڪشنري، اُئموٽ سمونائيڊ ۾.) ٽرٽولينَ جي اندازن بابت سندس تجزيو ۽ اظھار تمام واضح، تفصيلي ۽ دلچسپ آھن.

35. لئڪٽينٽيَس (iv,8) ان جي باوجود "پروبول يا پرولئشيو جا نوان اصطلاحَ جيڪي ڪٽر قسر جي بزرگن بہ وئلينٽينينَس کان اُڌارا ورتا ھيا ۽ جن کي وري" چشمي ۽ نھر" جي مثال ذريعي وڌيڪ واضح ڪيو ويو ھو يا سِج ۽ انجي ڪِرڻن جي مثال سان سمجھايو ويو ھو تہ ان سڄي ساري ڪَٿا جو يا تہ ڪو مقصد نہ ھيو يا وري اھا سڄي ڳالھ خدائي تخليق سان واسطو رکي ٿي." (وڌيڪ ڏسو بيوسوبر کي -i, iii, 7, 548)

36. ڪيترن اوائلي ليکڪن اھا ڳالھ اطمينان سان تسليم ڪئي آھي تہ پُٽ جو وجود پيءُ جي خواھش جو محتاج ھيو. ڏسو ڪلارڪ جي تحرير. " ٽي" (تثليث) صفحا. 287 - 280) ٻي طرف وري اَئننسيَس ۽ سندس پوئلڳ اُھو ڪجھ ڏيڻ يا منظور ڪرڻ لاءِ تيار نٿا ٿين جنھن کان انڪار ڪندي ھو ڊجن ٿا، فلسفي جي اسڪول جا ماڻھو پاڻ کي ھن مشڪل منجھان آجو سمجھن ٿا جو تہ ڪين اڳين لازمہ خواھش جو امتياز حاصل ھيو.

37. ڏسو پيٽاف (مذهبي اصول - 159 159 ,ii, ii, 10)

38. پلني (تحريرون - x, 97) ڊيئس جو اشارو (خدا تعالىٰ کي لاطيني، يوناني ۽ عبراني) جي قديم زبانن ۾ لي کلرڪ تنقيدي جائزي سان بحث ڪيو آهي (آرس ڪرٽيڪا صفحا - 156 - 150) ۽ هڪ عظيم هستي جي عبادت ڪرڻ جي حق جو پرپور دفاع ڪيو ويو آهي. سوسينيَن ايملن (ٽڪرا - صفحا - 145-51 ، 36-29)

39. ڏسو ڊئلي ڊي اُسو پترم ۽ لي کلرڪ (آثاثي واقعا x, 409) مقصد اهو هو ته نائسين کان اڳ وارن جي عقيدن تي تهمتون لڳائجن يا گهٽ ۾ گهٽ ٻڌ يا تثليث بابت پٽاويس جي شاندار ڪم جي اثر بابت کين آگاهه ڪجي. (مذهبي اصول - تام - i) هرو پرو ائين به ناهي ته وڏي عالم بشپ ٻُل طرفان دفاع ڪرڻ سبب اڳيون اثر زائل ٿي ويو آهي.

40. تمام قديمي مذهب يا عقيدا ذهني کشادگي ۽ آزاديءَ مان ڦٽندا هيا. ڏسو ٻُل (ڪليسائي عدالت) جنهن کوشش ڪئي آهي ته ايپسکوپيَس کي، هڪ راءِ منجهان فائدو حاصل ڪرڻ نه ڏنو وجي.

41. پرٽڪسيز ۽ سبيليَس جون مذهبي تفرقي بازيون وغيره، موشيم چگيءَ طرح سمجهايون آهن (ص 425 ، 714-680) پرٽڪسيز جيڪو بي صدي عيسوي جي آخر ۾ روم آيو هو، بشپ جي سادگيءَ سان دوکو ڪيو هيائين ۽ مٿس ناراض ٿرٽولين جي قلم سان هن کي باطل ۽ ڪوڙو ثابت ڪيو ويو آهي.

42. سقراط (پنجين صدي عيسوي جو هڪ مؤرخ ۽ مذهب جو وڏو عالم) مجي ٿو ته آريَس جي تفرقي بازي حقيقت ۾ سنڊس هڪ تمام وڏي خواهش کان شروع ٿي ته هو اُهو روَيو يا طريقو اختيار ڪري جيڪو سبيليس کان مڪمل طور تي مختلف ۽ متضاد هيو. (* هي اُهو سقراط ناهي جيڪو حضرت عيسيٰ (ع-س) کان چار سؤ سال اڳ جو هو ۽ يونان جو عظيم مفڪر ۽ فيلسوف ۽ افلاطون جو استاد هو. (سنڌيڪار)

43. آريَس جي تصوير، سنڊس طور طريقا، ڪردار ۽ سنڊس پهريان اُهي ماڻهو جن مذهب تبديل ڪيو، کي ايپيفنيَس تمام خوبصورت رنگن ۾ چٽيو آهي. (i ، هيريس، Ixix, 3, 729) ۽ اسان ان ڳالهه تي افسوس ٿي ڪري سگهون ٿا ته هو هڪ تاريخدان کي ايترو جلدي وساري ڇڏي ۽ اختلاقن ۽ تضادن جو ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪري ڏئي.

44. ڏسو فلوسٽورجيَس (i,3) ۽ گاڊفراءِ جو تبصرو جيڪو سٽو ۽ مناسب ٿو لڳي. ان جي باوجود فلوسٽورجيَس جي ساڪ سخت مذهبي ماڻهن ۾ ڪافي متاثر به ٿي آهي ته گهٽجي به وئي آهي جو ته هڪ ته هُو آرين فرقي سان تعلق رکندو هو ۽ ڪجهه نقادن جي خيال موجب هن جو مرتبو سنڊس جذبن، تعصب ۽ جهالت سبب پڻ متاثر ٿيو هو.

45. سوزومين (i,15) اختلاقن جي شروع ٿيڻ وقت سڪندر (اليگزينڊر) کي غير ذميدار ۽ جاهل ٿو ڪوٺي، جڏهن ته سقراط (i,5) مذهبي اندازن بابت اجائي تجسُس کي جهگڙي جو بنياد ۽ ڪارڻ ٿو ڪوٺي. ڊاڪٽر جارٽن (ڪليسائي تاريخ بابت پنهنجي تبصري - ii, 178) ۾ پوري آزادي مان سڪندر جي روَيي جي مذمت ڪئي آهي: "هن ڪاوڙ مان کيس ڊيڄاريو ۽ پريشان ڪيو ۽ کيس حڪر ڏنو ته هو به ساڻئي نظرئي کي اختيار ڪري."

46. آرين فرقي جي عقيدي جا شعلا شايد ايا به وڌيڪ عرصي لاءِ چپ چاپ ٻرندا رهندا پر اها ڳالهه بهرحال مڃڻي پوندي ته اُهي اُبري اُبري نيٺ سال 319ع ۾ زور سان ڦاٽي پيا هيا، ٽليمانٽ (ڪليسائي يادگيريون - vi, 774-780)

47. " هن جو کهڙو عقيدو هو؟ هنن مان کو به هڪ: يا ته هن جڏهن ٿي نالا ٻڌا ته هن يقين ڪري ڇڏيو ته خدا ٿي آهن، ۽ ان سبب جي ڪري هو بُت پرست هو، يا، هڪ خدا ۾ اعتبار ڪرڻ جنهن جا ٿي مختلف نانو هيا، ته ان لحاظ کان وري هُو سبيليَس جي تفرقي بازي جي گناهه ۾ شريڪ ٿي ٿيو يا جيڪڏهن هُن آريَن فرقي کان فقط هڪ سچي خدا جي ڄاڻ حاصل ڪئي هئي جيڪو سڄي ڪائنات جو اُبو هو ته هن جو ويساهه ان صورت ۾ اهو هو ته پُٽ ۽ روح القدس (الله جو روح) خلقيل هيا. هنن ٽِن زاويَن کانسواءِ ٻي کهڙي صورت هئي جنهن تي هو ويساهه ڪري ها، مونکي خبر کانهي." هيروڊِٽ (ليوسيفيرينوس) موجب جيروم آخري يعني وڏيڪ ڪٽر يا بنيادي سرشتي جي حق ۾ آهي جيڪو مُنجهائيندڙ ۽ ڏکيو آهي.

48. ته هجڻ يا عدم وجود منجهان مڪمل تخليق جو عقيدو ڏيري ڏيري عيسائين ۾ داخل ٿيو.

(بيوسوبر - 215 - ii, 165) ته ان صورت ۾ محنت ڪندڙ جو مرتبو محنت سان گڏوگڏ مٽاهون ٿيو.

49. ڊاڪٽر ڪلارڪ جِي مابعدالطبيعات (ٽِن بابت مقدس تحريرون - صفحا - 280-276) "لامحدود ڪارڻ" منجهان شايد دائمي نسل کي هضر ڪري ڇڏي.

50. هيءَ ناپاڪ ۽ اجائي تشبيهَ ڪيترن اوائلي درويشن ۽ بزرگن به ڪئي آهي ۽ خاص طرح اٿيناگورس، شهنشاهه مارڪَس ۽ سندس پُٽ جي دفاع نامي ۾ ڪتب آندي آهي جنهن تي ٻُل به الزام هنيو آهي پر اُن کي نِندیو نه آهي (ڏسو نائسين جي دفاعي تحرير - iii, 5, 4-)

51. ڏسو ڪُدورٽ جو ڏهانت وارو سرشتو - (صفحا - 579- 559) هن خطرناڪ قياس آرائيءَ جي نِسا ۽ نازيبانزين جي گريگريَن، اليگزئندريا جي سائرل، شام جي جان وغيره، طرفان پوري پٽيرائي ڪئي وئي آهي. (ڏسو ڪُدورٽ - ص - 603 ۽ لي ڪلرڪَ آفاقي واقعن ۾ (xviii, 97-105)

52. لڳي ٿو. ته آگسٽائن، فيلسوفن جي آزاديءَ سان حسد ڪيو آهي. "فيلسوف آزاديءَ مان ڄالهائيندا آهن..... پر اسان پنهنجي طرف کان ٻن يا ٽن اصولن بابت يا ٻن يا ٽن خدائن بابت نٿا ڄالهايون."

(ڊي - سويٽٽ، ڊائي - x, 23)

53. پِيٽيَس، جيڪو افلاطون ۽ اُرسطو جي فلسفن جو وڏو ماهر هيو، ٽِن (تثليث) جي ايڪائي يا وحدت کي، ٽن ماڻهن جي اختلاف جي مثال سان سمجهائي ٿو. ڏسو هن سلسلي ۾ منصف مزاجي وارو تبصرو جيڪو لي ڪلرڪ ڪيو آهي. (چونڊ تاريخوار واقعن ۾ - (xvi, 225) وغيره.

54. جيڪڏهن سبيليَس هن نتيجي تي حيران ٿي ويو هو ته اُهي وري ٻي مونجهاري جي وَر چڙهي ويا هيا ته "جهانن جو اَبو" هڪ ڪنواريءَ منجهان ڄائو هو ۽ هنکي به سُوريءَ تي لڙکايو ويو هو تنهنڪري "پٽريپيسينَس جو نفرت وارو لقب مٿس سونهين ٿو. (هڪ اهڙو فرقو جن جو عقيدو هو ته خدا جيڪو ابو يا اصلي عظيم خدا هيو ته ڪيس به صليب تي چاڙهيو ويو هو جن سان سندن مخالف ڪين ڄاڻندا سڃاڻندا هيا) ڏسو هن سلسلي ۾ پرٽڪسيز خلاف ترٽوليَن جي ٽِٽ لعنت ۽ موشير جا نرمي وارا لفظ (صفحا - 423,681) ۽ بيوسوبر - (i, iii, 6, 533)

55. قديم زماني جي ماڻهن طرفان، نائيسيا جي ڪائونسل جي وهنوار ۾ هلڻ چلڻ ڪي نه رڳو هڪ طرفو پر تمام اٿپورو ۽ نقص وارو ڄاڻايو ويو آهي. اهڙي تصوير جيڪا فراپائولو ڪيي آهي انکي وري ان شڪل ۾ واپس ورائي نٿو سگهجي

پر جنهن جٹسالين کي مذهبي کٹر پٹي ۽ دليلن جي پينسل سان ليکيو ويو آهي ۽ جيکا کجهہ نامناسب بہ لڳي تي تنهن کي ٹليمانٹ ۾ ڏسي سگهجي ٿو. (کليسائي يادگيريون - - 759 - 669 ,vi) ۽ لي کلرڪ ۾ پڻ. (آفاقي واقعا (X, 435 - 454.

* (سينٽ ائمبروز - 397-339ع - ملن جو بشپ)

56. اسين ائمبروز جا احسانمند آهيون (ڊي-فائيد-iii) جنهن اسانکي هن دلچسپ تونکي جي ڇاڻ ڏني.

57. ڏسو بُل کي (نائسين جون دفاعي تحريرون ii, i صفحا 36-25) هو ان کي پنهنجو فرض ٿو سمجهي تہ هن کٹر کائوٹسلن کي هڪ ٻئي سان رَس رهاڻ ذريعي پاڻ ۾ ملائي ۽ هڪ ٻئي جي ويجهو ٿو آڻي.

+ (سينٽ گريگري نازيانزين - 389-330ع قسطنطنيہ جو مکيہ پادري)

58. ارسطو مطابق ستارن جو هڪ ٻئي سان ميلاپ ساڳئي رُوح ۽ عرق وارو هو. يعني ساڳي جنس. ساڳيو روح مطلب تہ هر شئي سيني ۾ ساڳي هئي. جيڪَن پينٹاويَس. ڪرسيليَس. ڪُدورٹ. لي کلرڪ وغيرہ انڪشاف ڪيو آهي ۽ ثابت ڪيو آهي. "اُهو ڪر ڪرڻ جيکو اڳ ۾ ئي ٹيل آهي." هي ڊاڪٹر جارٹن جا لفظ آهن (ii, 212) جنهن آرين فرقي جي تضادن جي علم جي پوري پوري وضاحت ۽ ڏهانت سان چند ڇاڻ ڪئي آهي.

59. ڏسو پينٹاويَس کي (مذهبي اصول-16 ,iv ,ii ص - 453 وغيرہ) ڪُدورٹ (ص-559) بُل (290-282 ,iv جنهن کي گرٹب ايدٹ ڪيو) " ٽِن (تثليث) جو هڪ ٻئي سان ڳجهہ ڳجهاندر وارو تعلق شايد هن ديني يا خدائي علم جي غارَ جي ڪا تمام اُونهي ۽ بيحد اونداهي ڪُنڊ آهي."

60. نائسين جي عقيدي جي بچاء ۾ بُل جي تحريرن جو جيکو ٽيون پاڳو آهي. جنهن کي سندس کجهہ مخالفن ناداني ڪوئيو آهي تہ هين واري ان کي تفرقي بازي جو نالو ڏنو آهي. ڪائنات جي ابي (خدا تعاليٰ) جي عظمتن ۽ وڏائيءَ کي ارپيو ويو آهي.

61. اٹنسيَس ۽ سندس پوئلڳن جيکو آرين فرقي جي ساراهَ ۾ کين عام رواجي لقب ڏنو هو سو "آريومئنائيٹس" جو هو جنهن جو مطلب آهي: " آريَس جا چريا ۽ بيوقوف پوئلڳ."

62. ايپيفنيَس (i, Ixxii, 4, 837) ڏسو مارسيلَس جا ڪارنامہ ٹليمانٹ ۾ (کليسائي يادگيريون - 899-880 ,vii) خدا پاڪ وحدانيت جي باري ۾ سندس تخليق جيکا هڪڙي ڪتاب ۾ آهي. انجو جواب ٽن ڪتابن ذريعي ڏنو ويو هو جيکي يوسيبيَس جا آهن ۽ اڄا تائين موجود آهن. هڪ تفصيلي ۽ محتاط چند ڇاڻ ڪانپوء. پينٹاويَس ,14 ,i ,ii) (78 مارسيلَس کي مجبور ٿي نديو آهي.

63. اٹنسيَس. سلوشيا ۽ رِمِني جي ڪائونسلن ڏي موڪليل پنهنجي تحرير ۾ (905-886 ,i) آرين عقيدي جي ماٹهن جي هڪ وڏي لسٹ مهيا ڪئي آهي جنهن ۾ وڏي محنتي ۽ جاکوڙي ٹليمانٹ واڌارا بہ ڪيا آهن تہ ان ۾ وڌيڪ بهتري پڻ آندي آهي. (کليسائي يادگيريون - (vi, 477)

* (سينٽ هِلئري - 367 - 315ع پُئائيئرس جو بشپ)

64. اراسمَس، گهٽي ساراھ ۽ آزاديءَ واري انداز ۾ هلئري جي ڪردار جي جائز تعريف ڪئي آهي ۽ انجو خاڪو ڪڍيو آهي، هاڻي اهو بينيڊڪٽ فرقي جي ادبڙن تي ڇڏيل آهي تہ اُهي متن کي وڌيڪ سُڌارن. سندس زندگي جا تاريخوار واقعا لکن ۽ هنجي جذبن ۽ ڪردار کي جائز سمجهن.

65. " ايليوسِس جي بشپ ۽ سندس ڪجهہ پوئلڳن ڪانسواءِ، ايشيا جي ڏهن صوبن ۾ گهٽو ڪري جتي جتي بہ آءُ ويو آهيان تہ مشاهدو اهو ٿيو آهي تہ ماڻهن کي خدا تعاليٰ بابت پوري ڄاڻ ڪانهي. ڪو جيڪڏهن ائين چوي تہ هو ڄاڻن ٿا تہ آءُ چوندس هرگز نہ! اهو عمل وڌيڪ معاف ڪرڻ جهڙو هوندو تہ جيڪڏهن ڪين ڪائنات جي خالق جي ڪابہ خبر نہ هجي بجاءِ ان جي جو هو ان کي ويتر بدنام ڪن." هلئري، مشرق جي ڪائونسل ۾ (1186 ، 63 جنهن کي بينيڊڪٽ ايڊٽ ڪيو) خدا تعاليٰ جي انڪار ۽ وهمن وسوسن جي مشابهت ۾، پُئائٽيئرس جو بشپ، بيل ۽ پلوٽارچ جي فلسفياڻي سنگت ۾ هجي ها تہ شايد سندس تعجب ۽ حيرت جي حد ئي نہ هجي ها. هلئريَس (اڊڪنسٽئٽيَر ۾ ii, 4, 5, 1227-28 -) تحرير جو هي زبردست ٽڪرو مسٽر لاڪ جي توجهہ جو طلبگار آهي جنهن ان کي پنهنجي عوام ۾ پڙهڻ واري ڪتاب لاءِ نقل ڪيو آهي.

67. فلوسٽورجيَس ۾ (iii, 15) اِينيَس جو ڪردار ۽ سندس ڪارناما ڪافي نمايان تا لڳن توڙي جو سندس هڪ دوست انهنکي احتياط منجهان نرم ڪري ڇڏيو آهي. ايڊيٽر گادفراءِ (ص - 153) جيڪو پنهنجي مصنف جي مقابلي ۾ پنهنجن اصولن سان وڌيڪ لاڳاپيل هيو، اُنهن نفرت لائق حالتن کي جمع ڪيو آهي جيڪي سندس مختلف مخالفن پاڻ وٽ محفوظ يا ايجاد ڪيون هيون.

68. هڪ ماڻهوءَ جي فيصلي موجب جيڪو اُنهن ٻنهي فرقن جي عزت ڪندو هو، اِينيَس کي قدرت طرفان وڏو ذهن ۽ سمجهہ عطا ٿي هئي ۽ يونوميَس وري فن ۽ ڄاڻ حاصل ڪئي هئي. (فلوسٽورجيَس (viii, 18) يونوميَس جو اعتراف ۽ دفاع نامو (فئبريشيَس، واقعا - 305 - viii, 258) تفرقي بازيءَ جا ڪجهہ اهڙا ٽڪرا آهن جيڪي شايد ماڻهن جي توجهہ کان اوجهل رهيا آهن.

* (فريبي، دوکيباز)

69. ان جي باوجود، اينيَس ۽ بُل جي رايَن ۽ خيالن مطابق، فقط هڪ طاقت ۽ اختيار جيڪو تخليق سان تعلق رکي ٿو، فقط خدا تعاليٰ جي هٿ وَس آهي ۽ اُهو اختيار هن انسانن کي عطا نہ ڪيو آهي. اينيَس، جنهن جملي اختيارن جي حدن کي وضاحت سان بيان ڪيو آهي، ڄائي ڄر کان هڪ ڊَڇ هيو ۽ پنهنجي سڃاڻپ سان هو هڪ فيلسوف ۽ روحاني شخص هو. (ڊوپن - ڪليسائي واقعا - xvii, 45)

70. سئبينَس (سقراط - ii, 39) اُنهن قانونن کي نقل ڪيو هو، اٽنئسيَس ۽ هلئري، آرين ڪائونسلن جي ورهاڱي کي سمجهايو آهي ۽ ٻيون حالتون جيڪي ان سان تعلق رکن ٿيون اُنهن کي برُونيَس ۽ تليمانٽ احتياط سان پاڻ وٽ جمع ڪيو آهي.

71. پنهنجي دفاع نامي جي مختصر تحريرن ۾ (جيڪي پهريون پيرو بينيڊڪٽائن وارن پنهنجي خاص صورتخطيءَ ۾ ڇاپيون) هو پنهنجي طرفان اظهار ڪري ٿو تہ هن پنهنجي محتاط راءِ انڪري ڏني تہ: "جيئن آءُ پاڻ بہ اِها ناپاڪ ترجماني

سمجهي سگهان." ص - 1206 - ڏسو فلوسٽورجيس جو (ص - 1146) هُن اُهي شيون ٻين ذريعن سان ڏنيون تنهنڪري اُهو ٻن معنائن واري اهر فرق کي وسارڻ لاءِ آماده آهي. ڏسو خاص طرح سان (viii, 17 ۽ گاڊفراءِ جو ص - 352)

72. " مونکي جنت توڙي ڏرتيءَ جي خدا جو قسر آهي ته توڙي جو مون کنهن کي به نه ٻڌو هو پر پوءِ به مونکي ٻنهيءَ جو اندر ۾ روحاني احساس ٿيو هو..... توڙي جو آءُ گهٽي وقت کانوئي روحاني طرح ٻيهر ڄائو آهيان ۽ پنهنجي رهائش واري جڳهه تي به ٽورڙو وقت رهيو آهيان، مون جلاوطن ٿيڻ کان کجهه وقت ئي اڳ نائسين جي عقيدي بابت ٻڌو هو نه ته اڳ ۾ ان بابت کابه ڄاڻ کانه هئي." هلٽري - کائونسل ۾ (xci, 1205) بينيڊڪٽائين وارن کي يقين ڏياريو ويو هو ته هن پٽائيئرس جي ضلعي تي سندس جلاوطن ٿيڻ کان کيئي سال اڳ حڪومت ڪئي هئي.

73. سينيڪا (تحريرون - Iviii) شڪايت ٿو ڪري ته "اهو جيڪو آهي،" جهڙي نندي فقري جو اظهار به لاطيني اسر ذريعي نٿو ڪري سگهجي.

74. لٽران جي چوٽين کائونسل جيڪا اهميت نسلي ٻڌي يا ايڪي کي تعداد جي مقابلي ۾ ڏني.

(ڏسو پيٽاف - II, iv, 13 صفحو 424) انکي لاطيني زبان جي حمايت به حاصل هئي.

* (علامت ۽ ضمانت)

75. هيرونمر. (ليوسيفر - i, 145)

76. رِمني جي کائونسل جي کهاڙي اسانکي سلپيشيس سيورس شاندار نموني سان ٻڌائي ٿو. (عيسائي رسمن جي تاريخ - ii صفحا 430 - 419، جنهن کي لُڪڊ ايڊٽ ڪيو - 1647) ته ساڳي وقت جيروم، ليوسيفيرينس جي خلاف پنهنجن مڪالمن ۾ به کجهه پرچار ڪري ٿو. پوئين جو مقصد لاطيني بشپن جي روَيي جي لاءِ معافي وٺڻ جو آهي جن سان دوکو ٿيو هو ۽ جن پڇتايو به هيو.

77. يوسيبيَس (وِٽ کانسٽنٽائن ۾ - 75 - ii, 64) برداشت ڪرڻ جا توڙي مذهبي لاپرواهيءَ جا اصول جيڪي تحريرن ۾ موجود هيا، اُنهن بٹرونيَس ۽ ٽليمانٽ کي بيحد ناراض ڪري ڇڏيو جن اهو سمجهيو هو ته شهنشاهه جو صلاحڪار ڪو بدروح هيو، يا ته اُهو شيطان هيو يا وري يوسيبيَس جيڪو وٽن هر وقت رهندو هو. ڏسو جارٽن جا لفظ (ii, 183) .

78. يوسيبيَس (وِٽ کانسٽنٽائن ۾ - (iii, 13)

* (لسينَيس)

79. ٽوڊوريٽ (i, 20) کانسٽنٽائن منجهان هڪ تحرير کي محفوظ ڪيو آهي جيڪا نڪوميديا جي ماٿهن ڏانهن لکيل آهي جنهن ۾ شهنشاهه پنهنجي پاڻ کي پنهنجي رعيت جي ماٿهن تي هڪ الزام مڙهيندڙ طور پيش ڪيو آهي. هن يوسيبيَس کي: " ظلم ۽ بيرحمي جي ڪمن ۾ هڪ حصيدار ڪوئيو آهي." ۽ سندس دشمنيءَ واري روَش جي سخت شڪايت ڪئي آهي جيڪا هن شهري جنگ ۾ اختيار ڪئي هئي.

80. ڏسو سزئريا جي يوسيبيَس جو اصلي خط سقراط ۾ (i, 8) يا ايا به بهتر ٿيندو ته ٽوڊوريٽ ۾ ڏسو (i, 12) جنهن ۾ هن نائسين جي عقيدي "هومُوسين" کي جائز قرار ڏنو آهي. يوسيبيَس جو ڪردار سدائين لاءِ هڪ منجهائيندڙ رهيو

آهي پر اُهي جن لي ڪلرڪ جي ٻي تنقيدي تحرير پڙهي آهي، (آرس - تنقيد - 69 - 30 ,iii) تہ اُهي سزئريا جي ٻشپ جي خلوص ۽ ڪٹرپڻي لاءِ يقيني طور تي تمام غلط راءِ رکندا هوندا.

81. اٿنسيس - (i, 727) فلوسٹورجيس (i, 10) ۽ گاڏفراءِ جو تبصرو - (ص - 41).

82. سقراط (i, 9) جيڪو خط هن مختلف شهرن جي ماڻهن ڏانهن ڏياري موڪليو هو تہ ان ۾ ڪانسٹنٹائن فرقي بازن جي خلاف طنز ۽ چرچي يوڳ جو رنگ اختيار ڪيو آهي.

83. اسانکي اصل ڪهاڻي اٿنسيس منجهان ملي آهي. (i, 670) جنهن مري ويلن جي ياد کي داغدار ڪرڻ جي خلاف پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو آهي، هو وڏاءُ ڪري پٹي سگهيو پر اليگزنڈريا ۽ قسطنطنيہ جي وچ ۾ آمدرفت ۽ وڇ واپار، ان کي ايجاد ڪرڻ ۾ وڏيڪ خطرناڪ بنائي ڇڏي ها. اُهي جيڪي آريس جي موت کي بيان ڪرڻ تي زور ڏين ٿا، (جو تہ سندس آندا گونڊا بنهہ ڦاٽي پيا هيا) اُهي ہن يعني زهريا معجزي منجهان کابہ هڪ ڳالهہ چوندي سگهن ٿا.

84. ڪانسٹنٹائن جي جذبن يا گهٹ ۾ گهٹ روَيي جي تبديلي يوسيبيس ۾ ڏسي سگهجي ٿي (وٹ ڪانسٹنٹائن (iii, 23, iv, 41) سقراط - (i, 23-39) سوزومين - (ii, 16-34) ٽرڊوريٹ - (i, 14-34) ۽ فلوسٹورجيس - (ii, 1-17) پر هِنن منجهان پهريان ليکڪ عمل ڀيڙ واري جڳهہ تي خود موجود هيا، جڏهن تہ پويان ان منظرنامي کان ڪافي پري هيا. اهو ڏاڍو عجيب ٿو لڳي تہ ڪليسا جي تاريخ کي لڳاتار لکڻ جو اهر ترين ڪر ہن عام قسر جي ماڻهن ۽ دين جي منڪرن تي ڇڏيو وڃي ها.

85. "جيئن تہ هو هدايتن هيٹ مذهب ۾ نئون داخل ٿيندڙ هيو تہ اهو ان لاءِ مناسب هيو تہ هو نئين عقيدي جي رسمن کان بيخبر هجي." سلپيشيس سيورس (عيسائي رسمن جي تاريخ - (ii, 410)

* (نڪوميڊيا جو يوسيبيس)

86. سقراط (ii,2) سوزومين (iii, 18) اٿنسيس (i, 813, 834) هن جو مشاهدو آهي تہ جيڪي ڪڏهن آهن اُهي پُٹ جا فطري مخالف آهن. ڊاڪٹر جورٹن جو تجزيو ڪليسائي تاريخ ۾ وڃي پيٹايو (iv, 3) جنهن ۾ حسب نسب جو صاف تذڪرو هجي (باب - ix) جيڪو ڪرسٹوفرڪولمبس جي پهرين سائين تي وڃي ٿو ختر ٿئي ۽ ساڳي وقت جنسي بيمارين جي پکڙجڻ جي بہ هن مان خبر پوي ٿي.

+ (غاصب يا قبضو ڪندڙ جنهن کي 351ع ۾ شڪست ڏني وئي هئي.)

87. سلپيشيس سيورس، عيسائي رسمن جي تاريخ ۾. (ii, 405, 406)

88. سائرل (آپد - بٹرن - 353ع نمبر 26) واضح طور تي پنهنجو مشاهدو ٿو بيان ڪري تہ ڪانسٹنٹائن جي حڪومت ۾ صليب کي زمين جي سطح ۽ مدار تي ڏئو ويو هو پر اُها ڪانسٹنٹيس جي حڪومت ۾ بهشت جي وچ ۾ ڏني وئي هئي. هيءَ مخالفت صاف طور تي ثابت ڪري ٿي تہ سائرل ان زبردست معجزي کان بنهہ نا آشنا هيو جنهن سان ڪانسٹنٹائن جي مذهبي تبديلي منسوب ٿيل آهي ۽ هيءَ بيخبري وڏيڪ تعجب خيز آهي ڇو تہ سندس مرڻ کان فقط هارهن سال ڪانپوءِ، سائرل کي پاڪ ڪري جيروسلر جي بشپ ۽ سزئريا جي يوسيبيس جو گادي نشين بنايو ويو هو. ڏسو ٽليمانٹ (ڪليسائي يادگيريون - viii, 715)

89. سچ جي روشنيءَ جي فطري دائرن ڏانھن ڪي سمجھڻ جي حوالي سان سائرل جي ڏھانت جو اندازو لڳائڻ مشڪل ٿو لڳي.

90. فلوسٽورجيَس (iii, 26) ھن ڪانپوءِ الیگزنڈریا جا تاریخدان منطر تي اچن ٿا، ڪئلبرينَس، نائيسفورَس، (ڏسو گوتوفريڊ (مضمون - ص 188) اُھي معجزن جا انڪاري ٿي ئي نٿي سگھيا، ڪٿي اُنھن بابت سندن دشمن بہ ڪين ٻڌائن ھا.

91. اھڙو دلچسپ ٽڪرو نقل ڪرڻ جي قابل آھي. اَميئينَس - (xxi, 16) . نوٽ: ڪتاب جي احترام لائق مصنف ايڊورڊ گبن ڪٿي ڪٿي پنھنجن پڑھندڙن سان انوکو ورتاءُ الائي ڇو ڪيو آھي. يعني ھُن لاطيني يا يوناني ٻوليءَ جي ڪجھ ٽڪرن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو نہ ڪيو آھي تڙي جو 99.9 سيڪڙو ترجما ھُن ڪتاب ۾ ڏنا آھن باقي 0.1 سيڪڙو الائي ڇو شامل نہ ڪيا اٿس. متئين ٽُڪري کي دلچسپ بہ ڪري ٿو، مگر ان جو انگريزيءَ ۾ ترجمو نہ ڏئي، مونکي بہ ان دلچسپ فقري کان محروم ڪيائين تہ منھنجن مھربان پڑھندڙن کي پڻ، جنھن لاءِ آءٌ معذرت ٿو ڪريان. (سنڌيڪار)

92. اٽنسيَس - (i, 870)

93. سُقراط، (ii, 35-47) سوزومين (iv, 12-30) ٿوڊوريٽ - (ii, 18-32) فلوسٽورجيَس (vi, 1-5, v, 1-4, iv, 4-12)

94. سوزومين (iv, 23) اٽنسيَس (i, 831) ٽليمانٽ (ڪليسائي يادگيرين - vii, 947) ڪانسٽنٽائن جا ڪيترا ھَٽ ۽ ضد وارا مثال پاڻ وٽ جمع ڪيا آھن جيڪي ڪيس ڪٽگلياري جي ليوسيفر جي مضمونن ۽ مقالن منجھان ھٽ آيا آھن. ٻيو تہ نھيو پر اُنھن مضمونن ۽ مقالن جا فقط عنوان ئي اندر ۾ جوش ۽ خوف جو ماحول پيدا ڪري ٿا ڇڏين. "اللہ جي پٽ خاطر، مرڻ جي ضرورت،" يا "مرتد حڪمرانن تي،" يا وري " دين جي منڪرن سان ڪنھن بہ سمجھوتي نہ ڪرڻ جي ضرورت." يا "اُنھن کي نہ بخشڻ يا نہ بچائڻ جي ضرورت جيڪي اللہ تعاليٰ جي خلاف گناھن ۾ مبتلا آھن."

95. سلپيشيَس سيورَس (عيسائي رسمن جي تاريخ 430-418 ,ii) يونان جا تاريخدانَ، مغرب جي ملڪن جي معاملن کان بنھہ بيخبر ھيا.

* (اٽنسيَس جي اصلي معنيٰ لاڳاپي آھي)

96. اسانکي ان ڳالھہ تي افسوس ٿو ٿئي تہ گريگري نازيانزين، اٽنسيَس جي زندگيءَ تي ڪجھہ لکڻ بدران انجي خوشامد ۾ قصيدو لکي ڇڏيو پر پوءِ بہ اسان کي خوش ٿيڻ گھرجي تہ ھن پنھنجن ئي تحريرن ۽ دفاع نامن جي وڏي خزاني منجھان ھڪ بھترين ۽ مستند مواد کي ڳولي ڪڍيو. (i, 670-951) . آءٌ سقراط جي مثال جي ڪاپي ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪندس (ii, 1) جنھن پنھنجي تاريخ جي پھرئين ڇاپي کي، اٽنسيَس جي تحريرن جي مطالعي ڪرڻ کانسواءِ ئي ڇپرائي ڇڏيو ھو. ان جي باوجود سقراط توڙي زياده محتاط سوزومين ۽ عالم ٿوڊوريٽ، اٽنسيَس جي زندگيءَ کي فقط ڪليسائي تاريخ جي سلسلن سان ٿا وڃي ملائن. ٽليمانٽ جي محنت (ٽام - viii) يا بينيڊڪٽائين ايڊيٽرن جي اوڇائيءَ ھر حقيقت کي گڏ ڪيو آھي ۽ ڪر جي سلسلي ۾ ھر تڪليف يا رڪاوٽ جي پوري پوري چند ڇاڻ ڪئي آھي.

97. سلپيشيَس سيورَس (عيسائي رسمن جي تاريخ - ii, 396) ڪيس ھڪ قانوندان ۽ صحاني ٿو ڪوٽي. ھي ڪردار ھاٿي نہ تہ اٽنسيَس جي زندگيءَ ۾ ۽ نہ وري سندس تحريرن ۾ نظر ٿو اچي.

98. " هن جي لاءِ مشهور هو ته هو اڳوڻا قسمت جا حال احوال ٻڌائيندو هو. ۽ شگونن توڙي بدشگونن جي ترجماني ڪرڻ جو ماهر هيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ايندڙ وقت ۾ ٿيندڙ واقعن جون پيشنگويون پڻ ڪندو هو." اميئينَس (xv, 7) هڪ غيبَ جي ڳالهه. جنهن کي هڪ ڇرڇو يا پوڳ ڪونجي ته مناسب ٿيندو. کي سوزومين (iv, 10) بيان ڪيو آهي جنهن مان واضح ثابتي ملي ٿي ته: (جيڪڏهن ڪانوَ لاطيني زبان ڳالهائيندا هيا) ته اٿنسيَس ڪانوَن جي ٻولي ۾ سمجهي ويندو هو.

99. اٿنسيَس جي عيسائي ٿيڻ جي بي ضابطگيءَ واري عمل کي ڪائونسلن جي ڪارروائين ۾ بيان ڪيو ويو آهي جيڪي سندس خلاف ڪرايون ويون هيون. ڏسو فلوسٽورجيَس (ii, 11) ۽ گاڏفراءِ (ص - 71) پر اهو سوچي ۽ نه ٿو سگهجي ته مصر جي پادرين جي اسيمبلي ايڏي وڏي عوامي ڪوڙَ جي حمايت يا تصديق ڪندي. اٿنسيَس (i, 726) * (سواري يا ذريعو)

100. ڏسو بيابان جي ابن جي تاريخ جنهن کي اٿنٿني ۽ پيچوميَس جي جيئري ٿي راسڀيد ۽ ٽليمانٽ طرفان ڇپرايو ويو هو (ڪليسائي يادگيريون (ٽام - vii). خود اٿنسيَس. جنهن کي پنهنجي دوست اٿنٿني جي زندگيءَ بابت ڪجهه لکڻ کان نفرت نه هئي. ڏاڍي احتياط مان تبصرو ڪيو آهي ته ڪيئن نه پاڪ ٻائو ۾ اڪثر ڪري آرين تفرقي بازن جي شرارتن تي افسوس جو اظهار ڪيو هو ۽ سندس ڪٽڻ کمن بابت پيشنگويون ڪندو هو. اٿنسيَس (ii, 492, 498 وغيره)

101. پهريون ته ڪانسٽنٽائن ڳالهائيندي کين ڏمڪيون ڏنيون پوءِ لکت ۾ کين عرض ڪيائين. سندس خطن مان ۾ ڏمڪين ۽ دڙڪن جو تاثر ملي رهيو هو پر. هڪ طرف هنجي خواهش هئي ته ڇرڪ جا دروازا سيني لاءِ کليل هجن گهرجن. پر ساڳي وقت هن آريَس جي بچاءَ ڏيارينڊ نالي کان پري رهڻ ٿي چاهيو. اٿنسيَس. هڪ تجربيڪار سياستدان جيان. هنن فرقن جي هيٺ مٽاهين کي چڱيءَ طرح پروڙيو آهي (i, 788) جنهن کيس بهاني ۽ دير ڪرڻ لاءِ مهلت ڏني ڇڏي هئي.

102. مصر جا مليٽينَس. آفريڪا جي ڊونٽسٽن وانگر. هڪ عيسائيت جي جهڳڙي منجهان پيدا ٿي اُپريا هيا جيڪو اذيتن منجهان شروع ٿيو هيو. مون وٽ ايتري فرصت ڪانهي جو اڄ ڇڻن ۽ خسيس قسر جي جهڳڙن جي قصن ۾ پوان جن کي وري اٿنسيَس جي جانبداريءَ ۽ ايپيفنيَس جي بيخبريءَ غلط رنگ ڏني ڇڏيو آهي. ڏسو موشير جي ڪليسا بابت عمومي تاريخ. (i, 201)

103. ڇهن پادرين جي روَيي کي سوزومين چڱيءَ طرح بيان ڪيو آهي (ii, 25) اٿنسيَس خود. جيڪو آرسينيَس توڙي ساٿر جي موضوع تي ڪافي ڪشادو ذهن رکندڙ آهي. پر هن سخت الزام جو هو کو به جواب نٿو ڏئي.

104. اٿنسيَس. (i, 788) سقراط. (i, 28) سوزومين. (ii,25) شهنشاهه. پنهنجي هڪ وڏي ميڙ جي تحرير ۾ (يوسيبيَس. وٽ ڪانسٽنٽائن ۾ - iv, 42) لڳي ٿو ته ڪجهه مذهبي ماڻهن جي خيالن کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. ۽ اهو عين ممڪن هيو ته ڪائونسلون اِها لعنت ملامت اٿنيسيَس سان منسوب ڪري ڇڏين ها.

105. خاص طرح ڏسو اٽنسيس جو ٻيو نمبر دفاع نامو (i, 763-808) ۽ ٻاڙن ڏانهن موڪليل سندس تحرير (ص-866-808). اُهي اصل ۽ مستند دستاويزن کان کاڌي مطمئن نظر اچن ٿا پر منجهن ماڻهن جو اعتماد اڃا وڌندو ۽ هو ڳهڻ معصوم نظر ايندو جيڪڏهن سندس دشمن پنهنجون حماقتون ڳهڻ ظاهر ڪندا.

106. يوسيبيس (وڌ ڪانسٽنٽائن ۾ iv, 41-47)

107. اٽنسيس (i, 804) هڪ ڪليسا جيڪا سينٽ اٽنسيس کي اربي وئي هجي، هن قسر جي صورتحال، معجزن ۽ شهادتن جي ڪيترين ئي ڪهاڻين جي مقابلي ۾، بهتر موضوع جي تصوير پيش ڪندي.

108. اٽنسيس (i, 729) يونئپيس (وڏ-سائڌ صفحا 37-36 جن کي ڪميلن ايڊٽ ڪيو) ۾ هڪ اهڙي موقعي تي، ڪانسٽنٽائن جي ظلر ۽ سادگي جو هڪ عجيب ۽ انوکو مثال بيان ٿو ڪري. هڪ فصاحت ۽ بلاغت جو ماهر ۽ شام جو فيلسوف سوپيٽر، جنهن جي شاهي محل جي مُنهندار ائبليويس سان دوستي هئي، پر انکي سخت ناراض ڪري ڇڏيائين. اَنَ جي جهازن کي سمنڊ ۾ فقط انڪري روڪيو ويو هيو جو ڏڪڻ جي هوا رُڪيل هئي جيڪا جهازن جي هلڻ ۾ مدد ڪري ها ۽ قسطنطنيہ جي ماڻهن ۾ اَنَ پهچڻ جي سخت بيچيني ڦهلجي وئي هئي. ان صورتحال ۾ سوپيٽر جو سِرُ ڏڙَ کان ڌار ڪيو ويو. مٿس الزام اهو هو تہ هُن جادوءَ ذريعي هوائن کي بند ڪري ڇڏيو هو. سئيداس هن سلسلي ۾ وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ ڪانسٽنٽائن هن ظلر ڪرڻ ذريعي فقط اهو ثابت ڪرڻ ٿي چاهيو تہ هن غير يهودين جا وهم وسوسا هميشہ لاءِ ڇڏي ڏنا هيا.

109. پنهنجي واپسيءَ تي هن ڪانسٽنٽيس کي ٻہ پيرا ڪپادوشيا جي علاقي جي بن هنڌن يعني وِمينياڪر ۽ سزئريا ۾ ڏنو. (اٽنسيس - i, 676) ٽليمانٽ پنهنجي طرفان اندازو ٿو لڳائي تہ ڪانسٽنٽائن پنونيا ۾ ٽن شاهي پائرن سان سندس تعارف ڪرايو هو. (ڪليسائي يادگيريون - viii, 69)

110. ڏسو بيورج (پئنديڪٽ - i, 429-452 ۽ ضميمو ii ص - 182) ٽليمانٽ (ڪليسائي يادگيريون - vi, 310-324) پُٽائيئرس جي سينٽ هلئري، اٽنٽڪ جي ڪائونسل کي ساراهيو آهي ۽ ان کي مانائتو ڪوئيو آهي. هو هن ڪائونسل جا ستانوي بشپ ڳڻائي ٿو.

111. مئجسٽريٽ، جيڪو اٽنسيس جي لاءِ نفرت جي قابل هو، کي گريگري نازيانزين گهٽو ساراهي ٿو: (i ، تقرير - xxi, 390, 391)

" اڪثر ڪري جڏهن هڪڙو ديوتا اذيت پهچائي ٿو تہ ٻيو فورن مدد ٿو ڪري."

انساني فطرت جي پلائيءَ لاءِ، آءُ اُنهن ماڻهن ۾ بہ خوبيون ۽ لياقتون ڳولي ڪيندو آهيان جن کي اُنهن جي پارٽي وارا يا سندن پنهنجائي ظالر ۽ راڪاس ڪوئيندا آهن.

112. اٽنسيس جي رهائش گاهہ جي سلسلي ۾ تاريخي مونجهارا ۽ اُلجهنون آيل آهن ۽ روم ۾ سندس گهر بابت وٽليسيس اعتراض ڪيو آهي (ڪئلسير، ٽام - ii جو مشاهدو ۽ ڪليسائي تاريخ - i, 1-5) ٽليمانٽ (ڪليسائي يادگيريون - viii, 674 وغيره) مون وٽليسيس جي سِڌي سنئين طريقي کي صحيح سمجهيو آهي جيڪو گريگري جي مداخلت کانپوءِ، فقط هڪ سفر جي اجازت ٿو ڏئي.

113. آڳ ويٺسٽين جي هڪ منصف مزاجيءَ واري مشاهدي بيان ڪرڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهان. (پرولیگومین - این-ٽي- ص- 19) "جيڪڏهن اسان ڪليسا جي تاريخ تي ويچار ڪرڻ جو سوچيون، تہ اُها چوٿين صديءَ کان شروع ٿيندي جڏهن يونان جي گرجا جي استادن جي بن ڏاڙن ۾ وهائجي وڃڻ تي سخت اختلاف اُپريا هيا. ڏهانت، تقرير جي فن توڙي تعداد ۾ سندن مقابلو ڪو بہ نٿي ڪري سگهيو. جو تہ جنهن پارٽي فتحمند ٿيڻ چاهيو پئي، اُها روم ڏانهن پڄي وئي ۽ پوپ کي دوستيءَ ۾ پنهنجو ڪري ڇڏيائون. ۽ هڪ سمجهوتي جي ذريعي هو ڪامياب بہ رهيا: توڙي جو پوپ يا لاطيني بشپن طرفان مخالف ڏر کي تکليفون پهچايون ويون پو تہ مذهبي ڪٽرپڻي جون شاخون ڪائونسلن جي سطح تي قائم ڪيون ويون هيون. اهو ئي سبب هو جو التنسيس - ۽ اُهو فقط اڪيلو نہ هيو - روم ويو ۽ ڪيترائي سال پوءِ اُتي رهيو."

114. فلوسٽورجيس (iii, 12) جيڪڏهن مذهب جي مقصد کي اڳتي وڌائڻ جي سلسلي ۾ بدعنوانيون ڪيون ويون هيون تہ التنسيس جو وڪيل، ڪاتو ۽ سڌني جي مثالن سان شايد انکي صحيح ۽ جائز بنائي ڇڏي. (ڪاتو روم جو وڏو مدبر سياستدان هيو. 149 - 234 ق-م. ۽ سڌني، ايلزبيٿ دؤر جو هڪ سپاهي ۽ شاعر هيو. 1586-1554) پهرئين لاءِ ٻڌايو ٿو وڃي تہ هن رشوت ڏني هئي ۽ پوئين ورتي هئي جيڪا آزاديءَ جي سلسلي ۾ هئي.

115. جنهن قانون هيٺ اپيلون روم جي مکيہ پادري وٽ جمع ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي آهي، انکي مٿي ڪري ساردِيڪا جي ڪائونسل جو درجو ڏئي جنرل ڪائونسل تائين پهچايو ويو ۽ انجا نقطا بيخبريءَ يا وري وڏي هوشياريءَ مان نائسين جي ڪائونسل سان ملائي هڪ شڪ ۽ مونجهاري جي ڪيفيت پيدا ڪئي وئي آهي. ڏسو ٽليمانٽ (viii, 689) ۽ گيبڊ جا رستا. (ii, 419-460)

116. جيتّن تہ التنسيس، ڪُجهيءَ طرح سان ڪانسٽنٽائن جي خلاف بُروپلو ٿي ڳالهايو. (ڏسو باوَن ڏانهن لکيل هڪ تحرير) پر ساڳئي وقت هن کيس عزت ۽ احترام جو بہ يقين ٿي ڏياريو. ان ڪانپوءِ اسان کي بشپن يا مکيہ پادرين جي ڪردار تي ويساهہ نہ رهيو آهي. (i, 677)

117. جيتوڻيڪ التنسيس مانائتي خاموشي اختيار ڪئي هئي، ۽ هڪ ڪوڙو خط سقراط طرفان لڳائي هڪ وڏي جعلسازي جو ڪم ڪيو ويو هو. هي خطرا، بهرحال ڪٽگياري جي ليوسيفر طرفان بنا ڪنهن شڪ ۽ گمان جي ثابت ڪيا ويا آهن ۽ ڪانسٽنٽيس پڻ انهن کي واضح ڪيو آهي. ڏسو ٽليمانٽ - viii, 693)

118. مونکي ارسٽيس ۽ وٽلنس جي پوئتي هٽڻ يا دستبردار ٿيڻ تي سڌائين شڪ ٿيا آهن. (التنسيس - i, 776) جوليس ڏانهن سندن تحريرون جيڪو روم جو بشپ هيو ۽ توڙي خود التنسيس ڏانهن، هڪ هئي کان ايتريون تہ مختلف آهن جو اُهي هئي هرگز اصلي نٿيون ٿي سگهن. هڪڙي مجرمن جي زبان ڳالهائي ٿي جيڪي پنهنجي ڏوهَہ ۽ بدناميءَ کي مڃين ٿا ۽ هي وري اُنهن دشمنن جي زبان ٿي ڳالهائي جيڪي هڪ جهڙائيءَ جي بنيادن تي عزت وارو ناهہ يا سمجهوتو چاهن ٿا.

119. سندس ٻيهر واپسيءَ جي حالتن کي فقط التنسيس ئي سمجهائي سگهي ٿو (i, 769 ۽ 843, 822) سقراط (ii, 18) سوزومين (iii, 19) ٿيوڊوريٽ (ii, 11, 12) ۽ فلوسٽورجيس (iii, 12)

* (ڪانسٽنٽيس - II ڪانسٽنس کي مٿگينٽيس تخت تان هٽايو هو جنهن گال ۾ پنهنجي شهنشاهت جو بنياد وڌو هو.

120. اٿنسيس (i, 677, 678) دردناڪ شڪايتن، ايمانداريءَ جي بيانن ۽ شاندار دليلن ذريعي پنهنجي معصوميت جو دفاع ڪو ڪري. هو تسليم ڪو ڪري تہ سندس نالي جي اڪرن کي مٽائي جعلي بنايو ويو هيو پر هو فقط ايترو عرض ڪري ٿو تہ سندس ۽ آمر جي سيڪريٽرين جو چگيءَ طرح معائنو ڪيو وڃي تہ اهو اندازو لڳائي سگهجي تہ ڇا اهي خط پهرين لکيا هيا ۽ پوين وصول ڪيا هيا.

121. اٿنسيس (i صفحا - 844 - 825)

122. اٿنسيس (i ص - 861) ٽوڊوريٽ - (ii, 16) شهنشاهہ صاف لفظن ۾ واضح ڪيو تہ هو مٿگينينيس يا سلوئنس تي فتح حاصل ڪرڻ بدران اٿنسيس کي شڪست ڏيڻ جو وڌيڪ خواهشمند هيو.

123. يونان جي ليکڪن، ملن جي ڪائونسل جي معاملن کي ايتري تہ اڌوري ۽ غلط نموني سان پيش ڪيو آهي جو اسان کي ان وقت جا ڪجهہ خط ملن ٿا جيڪي بٿرونيس، ورسيلي جي ڪليسا جي جهونن ۽ اوائلي دستاويزن منجهان هٽ ڪيا هيا ۽ ساڳي وقت ملن جي ڊائنوسيس جي پراڻي زندگيءَ مان پڻ حاصل ڪيا هيا جن کي بولنڊس چپرايو هيو. ڏسو بٿرونيس 355ع ۽ ٽليمانٽ - (vii, 1415

124. اعزازن، سوڪڙين پاڪڙين ۽ دعوتن، جن ڪيترن ئي بشپن کي هرڪائي هيرائي ڇڏيو هو، ڪي اُنهن ماڻهن سخت ڪاوڙ منجهان بيان ڪيو آهي جيڪي تمام سچا ۽ نج آهن ۽ جيڪي اهڙين لالچن کان گهڻا مٿيرا آهن ۽ کين فقط پنهنجي نج پڻي تي فخر آهي. "اسان ڪانسٽنٽينس خلاف مقابلي ۾ آيا آهيون ڇو تہ هو حضرت عيسيٰ (ع‌س) جو مخالف آهي جيڪو پنهنجي ٻُڌيءَ تي چهبُڪ وهائڻ جي بجاءِ پنهنجي پيٽ تي ڏڪ ٿو هڻي. (هلئريس - ڪانسٽنٽائن جي مخالفت ۾ - 5, 1240)

125. هن ڀسر جي مخالفت اميئينس (xv, 7) پڻ بيان ڪئي آهي جنهن کي ڪليسائي تاريخ بابت سطحي يا ائين ڪٽي چٽجي تہ ڪاب ڄاڻ ڪانهي.

126. ساردڪا جي بنياد پرست ڪائونسل طرفان اهو زياده مناسب ڏيندو. جيڪڏهن بنهي پارٽين جا بشپ پوريءَ طرح وڏڻ وجهن ها تہ فرق ايترو ٿورڙو وڃي رهي ها جيترو 94 جو 74 سان آهي. ايئر- ڊي ٽليمانٽ 1158-1147, viii) جائز طرح سان اچرج ۾ پٽجي ٿو وڃي تہ ايتري مختصر اڪثريت سان هو پنهنجن مخالفن خلاف ايترو جوش خروش سان اڳتي ڪيئن وڌي سگهيا، جن جي مڪيہ ماڻهوءَ کي هنن جلدئي پنهنجي عهدي تان هٽائي ڇڏيو هو.

127. سلپيشيس سيورس (عيسائي رسمن جي تاريخ ۾ - ii, 412)

128. لائبيريس جي مُلڪ نيڪاليءَ بابت اميئينس اسان کي سربستو احوال ڏنو آهي (xv,7) ٽوڊوريٽ کي بہ ڏسو (ii, 16) اٿنسيس (i, 834-837) هلئريس (فرئگمينٽ - i)

129. اوسيس جي زندگيءَ بابت احوال ٽليمانٽ گڏ ڪيو آهي. (vii, 524-561) جيڪو پهريون تہ سندس تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ٿو ڪري ڇڏي، پوءِ سندس زوال تي، ڏکن سورن جي ڳالهين جي وچ ۾، قرطبہ جي بشپ کي ننڊي ٿو. اٿنسيس جي دوراندیشيءَ کي، هلئري جي آڏ سهپ واري انڊي جوش جذبي جي پيٽ ۾، داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي.

130. مغرب جي ماڻهن جن پنهنجن گناهن جو اعتراف ڪيو هو، ڪين فورن ملڪ نيڪالي ڏني عربستان جي بيابانن ۾ يا وري ٽيبائٽ يا جبل ٽور يا فرجيا جي خطرناڪ علائقن ڏانهن موڪليو ويو هو وغيره. هي علائقا اُهي هيا جيڪي مانڻڻسڻن جهڙن خراب ماڻهن جي قبضي ۾ هيا. جڏهن اِينيَس جهڙي دين جي منڪر جي سليشيا جي شهر ماپسٽشيا ۾ خوشامد برآمد ڪئي وئي ته سندس ملڪ نيڪالي واري جڳهه ڪي اَڪيشيَس جي مشوري تي تبديل ڪري ڪيس انبلادا موڪليو ويو. هڪ اهڙي جڳهه جتي رڳو جهنگلي ۽ وحشي ماڻهو رهندا هيا ۽ جيڪا جنگين جهيڙن ۽ وَبائن جي وَسندي هئي. فلورسٽورجيَس - (v, 2)

131. يوسيبيَس جي ظالماڻي روَيي ۽ سندس انوکي ضد تي غور ڪريو جنهن جو اظهار هن پنهنجن خطن ۾ ڪيو هو جن کي بٹرونيَس چيرايو آهي. (356ع، 102 - 92)

132. سلپيشيسَ سيورَس (عيسائي رسمن جي تاريخ - ص - 414 اٽنسيَس - (i, 836 - 840)

133. اٽنسيَس جي ٻين اذيت جي تاريخ بابت ڪافي مواد سندس پنهنجين ٽي تحريرن ۾ موجود آهي. خاص طرح سان سندس اُهو دفاع نامو جيڪو ڪانسٽنٽيَس ڏانهن لکيل آهي، ضرور ڏسجي، (i, 673) سندس پاچ بابت هنجو پهريون معافي نامو (ص - 701) ۽ اڪيلاٽپ ماٽيندڻ (ص - 808) ڏانهن لکيل سندس ڏکهي تحرير، ۽ اليگزئندريا جي ماڻهن جو، شام جي ماڻهن طرفان تشدد خلاف احتجاج (ص-866) به پڙهڻ وٽان آهي. سوزومين (iv, 9) هن کان ٿن تائين تمام واضح ۽ اهم حالتن بابت بيان جاري ڪري ڇڏيا آهن.

134. اٽنسيس ڪجهه وقت ڪانپوءِ اُٺنتي ۽ ڪجهه خاص ٻاڻن کي پاڻ وٽ گهرايو هو. اُهي پنهنجي چشمي کان هيٺ لٿا، اليگزئندريا وارن تي اٽنسيَس جي پاڪائي واضح ڪيائون، ۽ چيف پادري کين عزت ۽ ادب مان شهر جي گيٽ تائين وٺي ويو. اٽنسيَس (ii, 491-492) دوفينَس کي پڻ ڏسو (iii, 164 ، وٽ پٽريشيَس ۾ - ص - 524).

135. اٽنسيَس - (i, 694) شهنشاهه يا سندس آريَن سيکريٽري، پنهنجي ڪاوڙ ۽ ناراضگيءَ جو اظهار ڪندي، اٽنسيَس بابت پنهنجن خطرن ۽ انجي احترام سان به دوکو ڪري ٿو.

136. هي ننڍيون ڳالهيون ۽ باريڪ بينيون تمام غور طلب آهن ڇو ته اُهي ان احتجاج منجهان نڪل ڪيل آهن جيڪو اليگزئندريا جي ڪٽٽولڪ عيسائين طرفان عوامي سطح تي ٿن ڏينهن ڪانپوءِ ڪيو ويو هو. ڏسو اٽنسيس کي. (i,867)

137. جانسينسٽن گهٽو ڪري اٽنسيَس ۽ آرنائلڈ (جانسينسٽ مفڪر جنهن جي سڄي سلسلي کي لوئِس XIV طرفان سترهين صدي عيسوي ۾ اذيت ۾ مبتلا ڪيو ويو هو) کي هڪ ٻئي سان پيٽيو آهي ۽ خوشيءَ سان مذهب توڙي عقيدي جي جوش جذبي، لياقتن ۽ ملڪ نيڪالي وغيره جهڙن مختلف موضوعن تي مجيل ڊاڪٽرن تفصيل سان ڳالهايو آهي، هي ڳجهي پيٽ وڌي هنرمنديءَ سان ابي ڊي لابليٽري ڪئي آهي. (واءِ ڊي جووين - (i, 130

138. روفن - (i, 16)

139. گريگري نازيانزين - (i, xxi, 384, 385) ڏسو ٽليمانٽ. (ڪليسائي يادگيريون - (vii, 176-410 820-880)

140. اميئينَس (xxii, 16) ۽ ويٽليسيَس ائبلوڪر.

141. روفن (i, 18) سوزومين (iv, 10) هيءَ ۽ هيئين ڳالهه ناممكن ٿي ويندي جيكڏهن اسان اهو فرض كريون انٿنسيس سدائين ان ڇپر ڇانو ۾ رهندو هو جيكا هو اتفاقي طور يا وري كڏهن كڏهن ئي استعمال كندو هو.

142. پٽليديس (تاريخ - لاسٽ - باب - 136، وٽ پٽٽريشيس ۾ - 776) هن ٽوٽكي جي اصل مصنف هك جوان نينگريءَ سان كجهه ديرلاءِ روح رهاڻ كئي هئي، جنهن پنهنجي پوڙهائپ ۾ پڻ اُن پراڻي ۽ عزت پريئي تعلق يا "رتيءَ جي رهاڻ" كي ياد ركيو هو. آءٌ بٽرونيس، وٽليسيس ۽ تليمانٽ جي نازك لكٽين ۾ دخل اندازي نه ڏيندس جيكي هك غير معياري كهاڻيءَ كي رد كن تا جيكا سندن خيال موجب، كليسائي تاريخ سان، هرگز نٿي پيڃي.

143. انٿنسيس - (i, 869) آءٌ تليمانٽ سان متفق آهيان (viii, 1197) ته سندس اظهار جيكو هنجو ذاتي ۽ پنهنجو آهي ته ساڳئي وقت مخفي پڻ آهي پر اها خبرناهي ته كائونسل جي معائني كرڻ وقت كهڙو هو.

144. باوَن ڏانهن انٿنسيس جو لكيل خط الزامن ۽ ملامتن سان پريل آهي ۽ ماٿهو انهن كي سچو سمجهن تا (i, 834, 856).۽ پنهنجن پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ هن فرعون، آحب ۽ بيلشزر وغيره جي پاڻ ۾ پيٽ كئي آهي. هلئري جي جرئت مان كين ايترو خطرو كو نه هو جو ته هن جولين جي بغاوت كانپوءِ هك "گارگندنامو" گال ۾ ڇپرايو هو. پر ليوسيفر سندس توهين آميز تحريرون كانسٽنٽيس ڏانهن موكلي ڏنيون ۽ شهادت جي انعام حاصل كرڻ لاءِ ڇڻ كيس للكار ڏئي ڇڏي. ڏسو تليمانٽ - (vii, 905)

145. انٿنسيس (i, 811) هن عمل جي گهٽو كري شكايت پٽي كئي آهي جنهن جي لاءِ بعد ۾ هُو فيلكس جي اليكشن ۾ خود مثال ٿو بڻائي ڇڏي. (ص - 861) ٽي كڏڙا، روم جي ماٿهن جي نمائندگي كن تا ۽ ٽي سردار جيكي پنهنجن گهرن ڏي موٽيا اُنهن كي صوبن جي ننڍن شهرن جو بشپ بنايو ويو.

146. ٽوماسين، (ڊسيپلن ڊي اگلائيز - i, ii, 72, 73, 966, 984) كليسا ۾ ڳائڻ وڄائڻ جي اصل ۽ واڌاري بابت اهم دستاويز كٿا كيا آهن جن جو تعلق اوپر توڙي اولهه جي ملكن جي روايتن سان آهي.

147. فلوسٽورجيس (iii, 13) گاڏفراءِ موضوعن جي چَنڊ چاڻ گهٽي احتياط ۽ ساراهه جوڳي درستگي ۽ عمدگيءَ سان كئي آهي. (ص - 147 وغيره) هتي ٽي مختلف نمونا هيا: "پيءُ ڏانهن پٽ طرفان ۽ روح القدس منجهه،" "پيءُ ۽ پُٽ ڏانهن ۽ مقدس روح منجهه." ۽ "پيءُ ڏانهن، پُٽ ۽ روح القدس منجهه."

148. يوسٽٽيس جي ملك نيكالي ڪانپو، كٽرماٿهن جي سخت رويَن جي پارٽي، كانسٽنٽائن جي حكومت ۾ پنهنجو هك جدا سرشتو قائم كري ڇڏيو. جيكو اڳتي هلي بگڙي ويو ۽ فرقي بازيءَ ۾ تبديل ٿي ويو ۽ هي سلسلو اَسي سالن تائين هلندو رهيو. ڏسو تليمانٽ (كليسائي يادگيريون. - viii, 573 - 1332 vii, 35-54, 1137-1158, 1314) كيترين ئي كليسائن ۾ آرين ۽ هوموسيَن، جن هك ٻئي سان تعلقات ختم كري ڇڏيا هيا، وري كجهه وقت لاءِ عبادت كرڻ وقت پاڻ ۾ گڏجي ويا. فلوسٽورجيس - (iii, 14)

* (روم جو جنرل - 86 - 155 ق - م)

+ (ماريَس جو مخالف - 78 - 138 ق - م)

149. روم جي كليسائي انقلاب تي، ڏسو اَميئينَس كي (xv, 7) ، سلپيشيَس سيورَس - (عيسائي رسمن جي تاريخ - ii, 413) هيرونمر - (تاريخوار واقعا - صفحا - 3,4) تليمانٽ (كليسائي يادگيريون - vi,336)

150. ڪيوڪَسَس سندس زندگي ۽ اذيتن جو آخري مرحلو هو. سليشيا جي علاقي جي چيڙي واري شهر ڪپادوشيا ۽ هيٺين آرمينيا جي منظرنامي، ڪجهه جاگرافيائي مونجهارا پيدا ڪيا آهن پر اسانجو رُخ صحيح هنڌ ڏانهن آهي جيڪو روم جي رستي سزئريا کان اَنزربس ڏانهن وڃي ٿو. ڏسو سلارائي - (جاگرافي - ii, 213) ويسلنگ (صفحا - 179, 703)

151. اٿنسيَس - (i, 703, 813, 814) يقين سان تصديق ٿو ڪري ته پال کي قتل ڪيو ويو هو. ۽ ماٿهن کي اپيل ٿو ڪري ته فلسگريَس جي شڪن گمانن کان مٿاهين شاهديءَ موجب هُو آرين فرقي کي اذيتون ڏيندڙ هو. ان جي باوجود هو اِها ڳالهه مڃي ٿو ته دين جي منڪرن يا فرقي بازن قسطنطنيه جي بشپ جي موت جو ڪارڻ ڪا بيماري ٻڌائي هئي. سقراط پاڻ کي تمام هيٺاهون ڪندي اٿنسيَس جي ڪاپي ڪئي آهي، (ii, 26) پر سوزومين جنهن جي فطرت ۾ ذهني ڪشادگي سمايل هئي، هڪ دوڙانديشيءَ واري شڪَ ڏي اشارو ٿو ڪري، (iv,2)

152. اميئينَس (xiv, 10) هِن ڏکوئيندڙ واقعي جي لاءِ پنهنجن حوالن ڏانهن رجوع ٿو ڪري. پر اسان وٽ تاريخ جو اُهو حصو موجود ئي ڪونهي.

153. ڏسو سقراط (ii, 6, 7, 12, 13, 15, 16, 26, 27, 38) ۽ سوزومين - (iii, 3, 4, 7, 9, iv, 2, 21) قسطنطنيه جي سينٽ پال جا ڪَرَ جن لاءِ فوٽيَس هڪ منجهيل خيال پيش ڪيو آهي (فوٽيَس - تاريخوار واقعا صفحا - 1430-1419) جيڪو هنن تاريخدانن جو مختلف ۽ متضاد نقل آهي پر هڪ جديد يوناني، جيڪو هڪ درويش يا بزرگ جي زندگيءَ تي، انسانوي ڳالهين ۽ معجزن کي ملائڻ بغير، ڪجهه لکي سگهي ٿو. بيحد جَس لهڻي ۽ اُهوئي ساراهه لائق به آهي.

* (جانبدار يا هڪ طرفي طريقي سان، حد کان وڌيڪ محنت ۽ ڪوشش سان)

+ (گڏيل ملڪيت يا برادري ۾ شامل ٿيڻ)

154. سقراط (ii, 27, 38) سوزومين - (iv, 21) مئسيڊونيَس جا خاص مددگار جيڪي اذيتن جي ڪمن ۾ شامل هيا، اُهي نڪوميڊيا ۽ سِزيڪَس جا به بشپ هيا جن جي سُٺين اخلاق عادتن سبب عزت ڪئي ويندي هئي، ۽ خاص طرح سان سخا جي شهرت سبب سندن احترام ڪيو ويندو هو. آءٌ پنهنجن پڑهندڙن کي ياد ڏيارڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهان ته هومُوسيَن (Homoousion) ۽ هوميوسيَن (Homoiousion) ۾ بس رڳو رتيءَ ماتر فرق آهي جيڪو ديني نظر کان به ڇڻ اوجهل آهي.

155. اسين مئنيَنيَر جي صحيح صورتحال کان بلڪل بيخبر آهيون. لشڪري ماٿهن جي هنن چٽن هٿڌڻن بابت ڳالهائيندي، سقراط، سوزومين ۽ سينٽ پال جي ڪمن جو مصنف، اڃ سڌا ۽ غير ڇاتل مثال يا فقرا استعمال ڪن ٿا جيئَن: (ڪمپنيون، منظم فوجي دستا ۽ ڊويزنون وغيره) جن جو نائيسفوريس نهايت ئي مناسب ترجمو ٿو ڪري، يعني "هزارين" ويلس (ائڊ سقراط - ii, 38)

156. جُوليَن (تحريرون —— Iii, 436 جن کي اسپانير ايڊٽ ڪيو.).

157. ڏسو آپٽٽَس مائلوٽيَنس خاص طرح سان ڊوپن جي ڊونٽسٽ تاريخ سان گڏ (iii,4) ۽ ان اشاعت جي پڇاڙيءَ جا اصلي ٽڪرا جيڪي پڙهڻ وٽان آهن. آگسٽائن، سرڪر سيلينَس جِي، هين ۽ خود پنهنجي خلاف سخت ڪاوڙ ۽ ناراضگيءَ بابت جيڪي بيشمار حالتون يا سبب ڇاٽايا آهن، اُنهن کي تليمانٽ وڏي محنت سان جمع ڪري

هڪ هنڌ ڪيو آهي (ڪليسائي يادگيريون - 165-147 ,vi) ۽ هن اڪثر ڪري، ڪنهن خاص مقصد ڪانسواءِ، اُنهن زخمن ۽ سُورن تان ٻه پردو هٽايو آهي جن اُنهن جنوني ۽ چرين ماڻهن کي آپي منجهان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

158. مخالف پارٽين جا ماڻهو جيڪا زبان استعمال ڪن ٿا، ان تي ٻنهه اچرج ٿو ٿئي ۽ خاص طرح جڏهن اُهي ساڳين ماڻهن ۽ شين لاءِ ڳالهائن ٿا. ڪارٽيج جو بشپ گريگنس، هڪ بنياد پرست ڪائونسل جو ذڪر وڏي سارا‌ه منجهان شروع ٿو ڪري: " الله سائينءَ جا لکَ شڪرانا ۽ حضرت عيسيٰ (ع‌س) جون مهربانيون جن هڪ عقيدتمند شهنشاه ڪانسٽنس کي حڪر ڪيو ته هو ماڻهن ۾ گهُربل ايڪي ۽ اتحاد جي فضا کي واپس آڻي ۽ پاڪ ڪر لاءِ پنهنجا وزير پال ۽ مٽڪيريَس کي موڪليائين جيڪي خدا تعاليٰ جا نوڪر ۽ خدمتگار آهن." ڪتاب، "مارڪيولس جو درد" جو هڪ ڊونٽسٽ مصنف ٻڌائي ٿو ته: "اوچتوئي اوچتو، آمر ڪانسٽنس جي گهرمان مٽڪيريَس طرفان ماڻهن کي پهچايل اذيتن جو دردناڪ آواز اچي رهيو هو جو ته ٻه جانور آفريڪا ڏانهن موڪليا ويا هيا يعني ساڳيو مٽڪيريَس ۽ ساڳيو پال جن چرچ خلاف بيحد خطرناڪ ۽ انتهائي نفرت جوڳي مُهر هلائي ته جيئَن عيسائي برادريءَ کي مرتدن سان ملي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي: هن سلسلي ۾ هنن اُڳهاڙين ترارن سان سپاهين کي ان ڪر سرانجام ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو جن جي هٿن ۾ جهنڊا ۽ نانگن جون تصويرون هيون ۽ واتن ۾ وڃائڻ وارا ٽُوتارا هيا. منارو (ص - 304)

* (سيونس جا پروٽيسٽنٽ فسادي قبيلا جيڪي لٽنگئيڊاڪ ۾ هيا ۽ جن کي لوئس XIV طرفان ارڙهين صديءَ ۾ اذيتون ڏنيون ويون هيون.)

159. ڪٽيساردن جي تاريخ ٽن جُلدن ۾، جنهنکي وليفرانچي 1760 ۾ چپرايو، جنهن لاءِ چئي سگهجي ٿو ته اها بلڪل صحيح ۽ غيرجانبدار هوندي. اهو بهرحال توجهه طلب آهي ته مصنف جي مذهب لاءِ جاڇجي ته ڪنهن سان تعلق رکندڙ هيو.

160. ڊونٽسٽ خودڪشين ۾ شامل ماڻهن پنهنجي وضاحت ۾ رضياز جو مثال پيش ڪيو جيڪو مڪابيس جي ٻي ڪتاب جي ڇوڙهين باب سان لاڳاپيل آهي.

161. اميئيسنَس (xxii, 5)

162. گريگري نازيانزين - (تقرير - i, 33) ڏسو تليمانٽ - (vi, 501) جنهن کي ڪوارٽو ايڊٽ ڪيو.

* (ابي رينل - 1796 - 1713)

163. يورپ جي سياسي فلسفي قائر ليڊ جي تاريخ (i, 9)

164. يوسيبيَس موجب (وٽ - ڪانسٽنٽائن - ii, 45) شهنشاهَ شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ بت پرستيءَ جي انتهائي نفرت آميز رسم ادا ڪرڻ لاءِ سخت منع نامو جاري ڪري ڇڏيو. سقراط (i, 17) ۽ سوزومين (ii, 4, 5) ڪانسٽنٽائن جي ڪردار کي، تاريخ جي سچ جي عزت ڪندي پيٽيو آهي، جنهن کي ٽوڊوريٽ (v, 21) ۽ اوروسيَس (vii, 28) نظر انداز ڪيو آهي. "نيٽ ڪانسٽنٽائن - I هڪ انصاف وارو انقلاب، سندس ٽي منصف مزاجي واري روَيي باعث آندو آهي جڏهن ته هن دين جي منڪرن جي مندرن کي سندس موت کان چند گهڙيون اڳ ٽي بند ڪرڻ جو حڪر ڏنو هو."

165. ڏسو يوسيبيَس (وٽ - ڪانسٽنٽائن - ii, 56, 70) درويشن جي هڪ ميڙ ۾، جڏهن هو وڏي عمر جو ٽيو ۽ نيڪي ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ طرف مائل ٽيو، ته هو بت پرستن تي صاف لفظن ۾ ظاهر ٿو ڪري (C-xi) ته ڪين قربانين

ڪرڻ ۽ ڏيڻ جي هر طرح اجازت هئي ۽ پنهنجن مذهبي عبادتن جي هر شعبي ۾ هو آزاد هيا ته جيئن کين وٹي تيئن اُهي پنهنجون عبادتون ڪن.

166. ڏسو يوسيبيس (وٹ - ڪانسٽنٽائن - iii, 54-58 ۽ iv, 23, 25) اختيارن جا هي ڪر بجنالس کي چٹڻ ۽ دهائڻ ۽ ساڳئي وقت لامذهب روم جي مئجسٽريٽن طرفان آئسيس جي مندر کي ڌاهڻ سان پڻ پيٽيا وجن.

167. ڏسو يوسيبيس (وٹ - ڪانسٽنٽائن - iii, 54) ۽ لبانيس (مندر ۾ ڪيل تقرير - صفحا 9, 10 جن کي گوٹوفريڊ ايڈٹ ڪيو) هئي ڪانسٽنٽائن جي پاڪ ديني بيحرمتيءَ کي طنز مان تسليم ڪن ٿا جن کي هنن بلڪل مختلف نظريي سان جاچيو ۽ پروڙيو هو. پويون صاف لفظن ۾ ٻڌائي ٿو ته "هن پاڪ رقم کي استعمال ڪيو هو پر قانوني عبادتن ۾ ڪو فرق يا ڦير نه آندو هو. مندر حقيقت ۾ يتيم ۽ برباد ٿي ويا هيا، پر ان جي باوجود اُتي مقدس رسمون پوءِ به ملهايون ويندیون هيون. (لارڈنر جون يهودين ۽ لامذهب منڪرن جون شاهديون. iv, 140)

168. اَميئينَس - (xxii, 4) ڪجهه گهريلو ڪدڻ جي باري ۾ ڳالهائي ٿو: "جيڪي مندرن جي بربادي۽ مان حاصل ٿيل رقم تي پلندا هيا." لبانيَس (مندر جو ذڪر - ص - 23) ۾ ٻڌائي ٿو ته شهنشاهه مندرن کي اهڙيءَ طرح ٻين جي حوالي ڪري ڇڏيندو هو جيئن ڪو ڪتو، گهوڙو، يا غلام يا هڪ سون جو پيالو کنهن کي بس ڏئي ڇڏجي، پر هڪ عقيدتمند فيلسوف اهو خيال ضرور رکندو هو ۽ سندس مشاهدو هيو ته بيحرمتين ۾ شامل ماڻهو نه ته اڳتي وڌندا آهن ۽ نه ترقيءَ جون منزلون طئي ڪري سگهندا آهن.

169. ڏسو گوٹوفريڊ (ٿوڊوسيَن ڪوڊ - vi, 262) لبانيَس - (پيءَ ماءُ بابت - تقرير - باب - x - فٹبرڪ ۾ vii, 235)

170. ٿوڊوسيَن ڪوڊ - (xvi, x, 4) تاريخوار واقعن هن فضول خرچيءَ جي قانون ۾ تضاد ڳولي ورتو آهي: اُهو فقط هڪ آهي جنهن مطابق "مئجسٽريٽ جيڪڏهن غفلت ڪري ته کيس موت جي سزا ڏني وجي ۽ سندس سڄي ملڪيت ضبط ڪئي وجي." ايئر - ڊي لاباستي (اڪيڈميءَ جون يادگيريون - xv, 98) ڪجهه دليلن ذريعي اندازو ٿو لڳائي ته هي قانون جي فقرن کان مٹي ٻيو ڪجه به نه هيو ۽ جيڪو بل پيش ڪرڻو هو ان جا خاص فقرا ۽ نقطا "شاهي رڪارڊ" ۾ اڳ ۾ ئي موجود هيا جن ۾ ڪانسٽنٽيَس جا ٻيا دستاويز پڙهيا ۽ اهي مٹي بيان ڪيل فقرا ٿوڊوسيَن ڪوڊ ۾ بعد ۾ درج ڪيا ويا هيا.

171. سِماچ (تحريرون - x, 54)

172. ايئر - ڊي لا با ستي جوچوٹون تحقيقي مضمون (اڪيڈمي جون يادگيريون - xv, 75-144) تمام عالماڻو آهي ۽ سندس انصاف ۽ اعتدال جو زبردست ثبوت آهي جيڪو ان وقت جي حالتن تي روشني وجهي ٿو ۽ ڪانسٽنٽائن کان وٹي گرٹشين تائين لادينيت کي صبر ۽ سهپ سان برداشت ڪرڻ جو ثبوت پيش ڪري ٿو. ذوسيمَس جو اهو چوڻ ته گرٹشين پهريون حاڪم هو جنهن پادريءَ جو لباس پائڻ ڪان انڪار ڪيو هو، ته اهو بلڪل صحيح آهي ڇو ته ان حقيقت جي تصديق بغير ڪنهن شڪ شبهه جي ٿي چڪي آهي ۽ ان موضوع تي سخت ڪٹر پٹي جي "پُڻ پُڻ" کي به خاموش ڪيو ويو آهي.

173. جيئن مون آزاديءَ مان لفظ "لادين" ۽ "لادينيت" کي استعمال ڪيو آهي ته مان هاڻي اُنهن مشهور لفظن جي باري ۾ ڪجهه اهڙ تبديلين کي بيان ڪندس. I ڊورڪ لهجو جيڪو اٹلي جي ماڻهن کي هٹ پنهنجو ۽ مانوس لڳندو

آهي ان ۾ "پئگن" جو مطلب چشمي جو آهي ۽ ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جڏهن چشمي لفظ جو استعمال ڪرڻ شروع ڪيو تہ اُهو اصل لفظ "پئگس" ۽ پَئگنس" جي صورت اختيار ڪري ويو. (فيسٽس ۽ سرويَس، ورجل جارجيڪس - 382 ,ii) گبن ان لفظ کي يوناني پيج (Page, or Pege) يعني هڪ " ڪُوهہ، سان ٿو وجي ملائي جيڪو غلط آهي. لاطيني زبان ۾ پئگس جو مطلب ڪو ضلعو يا ڳوٺ آهي. 2. جيڪڏهن لفظ کي آساني سان اينگهائجي تہ معلوم ٿيندو تہ "پئگن ۽ رورَل" ڇڏ هڪ ٻئي سان مشابهت رکندڙ لفظ آهن. (پلني، نطري تاريخ - 5 ,xxviii) ۽ سادن ڳوٺاڻن کي اهو لفظ ائين مليو، جنهنکي هاڻي جديد يورپ وارا Peasant ڪوئين ٿا جيڪو حقيقت ۾ Pagan منجهان نڪتل آهي. 3. فوجي سرشتي جي حيرت انگيز واڌاري هڪ ٻئي سان ملندڙ جلندڙ لفظن ۽ فقرن جي ضرورت تي زور ڏنو. (هيوم جا مضمون - 555 ,i) سيئي ماڻهو جن جا نالا شهنشاهہ جي خدمت ڪرڻ لاءِ رجسٽر ۾ داخل نہ هيا تہ اُنهن کي نفرت منجهان پئگن يا لامذهب سڏيو ويو. (ٽئسيٽَس تاريخ 77 ,43 ,24 ,iii) ناپختہ طنزون (xvi) ترٽوليـن (ڊي پئليو - باب - 4) 4. عيسائي، حضرت عيسيٰ (ع-س) جا سپاهي هيا، سندن مخالف جن سندن رسمن اختيار ڪرڻ يا پاڪ غسل ڪرڻ کان انڪار ڪيو تہ اهڙا ماڻهو اهو استعاري وارو لقب حاصل ڪرڻ لائق آهن ۽ هي نفرت وارو نالو وٽلينٽينين 365ع ۾ ٿي رائج ٿي شاهي قانون، ٿوڊوسين ڪوڊ ۽ مذهبي تحريرن ۾ شامل ٿي چڪو هو. (xvi, ii, 18) 5. شهرن ۾ عيسائيت زور وٺي وئي، پروڊينٽيس جي نالي ۾ پراڻو مذهب (سمچر - I) ۽ اوروسيَس (پرينٽٽ - تاريخ) رٽلئر ٿي ڳوٺاڻي زندگي بسر ڪندا رهيا ۽ لفظ پئگن پنهنجي نئين محاوري ۾ پنهنجي اوائلي اصليت طرف موٽ ڪائي ويو. 6. جيئن تہ جوپيٽر ۽ سندس خاندان جي عبادت هاڻي ختر ٿي چڪي آهي تہ پئگن جو خالي نالو سيني بت پرستن ۽ گهٽن خدائن جي پوڄارين، نوَن توڙي پراڻن لاءِ وقف ٿي چڪو آهي. 7. لاطيني عيسائين اهو لقب بغير ڪنهن سوچ ۽ تدبر جي سندن جاني دشمنن يعني مسلمانن کي ڏئي ڇڏيو جيڪي اللہ تعاليٰ جي نج وحدانيت کي مجيندا هيا، پر ساڻن زيادتي ڪندي اُنهن تي، بت پرستي ۽ لادينيت جهڙي اجائي ملامت مڙهي وئي، ڏسو - گيرارڊ ووسيَس (تحريرون - 420 ,i) گاڊفراءِ جو تبصرو ٿوڊوسين ڪوڊ بابت (250 ,vi) ۽ ڊوڪينج لاطيني ميديا - گلوسر -)

174. آئونيا ۽ ائينس جي نج زبانن ۾ ڪجهہ قديم ۽ ڪي وري مانوس يا ٻَڌل ۽ چاتل سجاتل لفظ هيا. پهريَن مان هڪ جهڙائي معلوم ٿيندي هئي (هومر - اوڊسي 601 ,xi) هڪ نمائندگي، هڪ خيال، جيڪو يا تہ تصور ۾ تخليق ٿيندو هو يا فنڪاريءَ ۾ پوئين منجهان کا خدمت يا غلاميءَ جو تصور اُپرندو هو. مصر جا يهودي، جن مقدس عبراني ڪتابن جو ترجمو ڪيو هو، هنن لفظن جي استعمال کان بيزاري ۽ بُڃان اختيار ڪري ڇڏي هئي، (ايگزوڊس - ,xx 4,5) ۽ خاص طرح تصويرن جو استعمال عبادت ۾ ترڪ ٿي چڪو هو. هيلينسٽن ياگرئيشين يهودين جو هڪ خاص محاورو ڪليسائي ليکڪن توڙي بين نيڪ اديبن اختيار ڪيو هو ۽ بت پرستيءَ جي تهمت مان مراد وهمن وسوسن جي اُها ذلت آميز روَش آهي جنهنکي عيسائيت جا ڪجهہ فرقا، يونان ۽ روم جي گهٽن خدائن پوڄڻ وارن تي، اُجلت ۽ اُبهرائيءَ منجهان مڙهين ٿا.

باب - پاويهون

خلاصو

گال جي فوجين طرفان، جولين کي شهنشاهه تسليم ڪرڻ جو اعلان - سندن پيش قدمي ۽ ڪاميابي - ڪانسٽنٽيَس جو موت - جولين جو عوامي ۽ شهري انتظام.

گبن هتي سياسي بيان بازي ڪندي ٻڌائي ٿو ته ڪانسٽنٽيَس کيئن نه ساڻ ڪندي گال ۾ جولين جي سوئن کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ۽ گال جي فوجن کي واپسيءَ جو حڪم ڏئي ۽ اُنهن کي فارس جي جنگي مهر تي روانو ٿو ڪري ڇڏي. پر فوج ان سان بغاوت ڪئي ۽ جولين کي پنهنجو شهنشاهه تسليم ڪري ڇڏيو. صلح جي ناڪام ڪوشش ڪندي، جولين نيٺ ڪانسٽنٽيَس تورِّي سندس مذهب کي به ڇڏي ٿو ڏئي ۽ لامذهبن جي درويشن سان پنهنجي سهڪار کي جاري ٿو رکي. هو تڙ تڪڙ ۾ دنيوب طرف سفر ڪري ٿو پر ان وچ ۾ سال 361ع ۾ ڪانسٽنٽيَس جي موت، خانه جنگي جي امڪان کي ختر ڪري ڇڏيو. قسطنطنيه ۾ جولين جو شايان - شان استقبال ڪيو ٿو وڃي. جولين پنهنجين ذميوارين کي پوري فرض شناسي ۽ نيڪ نيتي سان نباهي ٿو جنهن جي گبن بيحد تعريف ٿو ڪري ته ساڳي وقت سندس مطالعي جي شوق کي به ساراهي ٿو ۽ ڪيس هڪ "فيلسوف جنگي جوڌي" جو لقب ٿو ڏئي. هو شاهي محلاتن جي سڪٽي ڦُوندِ ۽ نماءَ کان سخت نفرت ڪري ٿو ۽ راڄي وزيرن کي انصاف جي ڪٺهڙي تائين ٿو پهچائي، گبن جي نظر ۾، سڪندر سيورَس جي زماني کان وٺي، هيو ڪو به شهنشاهه پنهنجي رعيت جي بهبود ۽ بهتريءَ لاءِ جولين جيترو حساس ۽ همدرد ڪڌهن به نه رهيو هو.

باب - ٽيويهون

جُولين جو مذهب - آفاقي مذهبي آزادي - لامذهب عبادتن جي بحالي ۽ اُنهن جي سڌاري لاءِ سندس کوششون - جيروسلم مندر کي ٻيهر تعمير ڪرائڻ - مڪاريءَ سان عيسائين کي اذيتون رسائڻ - مذهبي جذبو ۽ ناانصافي.

جولين جي مرتد ٿيڻ يا دين کان انڪاري هڻڻ جي ڪردار سندس شهرت کي ڪافي نقصان پهچايو ۽ ان جوش جذبي، جنهن سندس چڱاين کي به آڻ ڇٽو ڪري ڇڏيو. سندس اصل غلطين جي نوعيت کي به گهٽو وڌائي پيش کيو آهي. هُن بابت، اسانجي اڌوگابري ڄاڻ ۽ جهالت، ممڪن آهي ڪيس هڪ فيلسوف حاڪم جي روپ ۾ پيش ڪري جنهن شهنشاهت جي مذهبي تفرقي بازيءَ کي پنهنجي علم ۽ مطالعي ذريعي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ ديني چڪتاڻ وارن جوش جذبن کي تڏي ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو هيو جن ڊائڪليشين جي فرمانن ڪانوني اتنشيَس جي ملڪ نيڪاليءَ تائين، ماٺهن جي ذهنن ۽ دماغن ۾ تفرقي بازيءَ جو زهر اوتي ڇڏيو هو. جولين جي ڪردار ۽ روَيي جي صحيح جائزي ونڊ سان سندس جانبداريءَ جي تُهمت کان به ڪيس آجو ڪري سگهجي تو ڇو ته شهنشاهه به اُن وقت جي بهتانن ۽ الزامن کان پاڻ کي آجو نه رکي سگهيو هو. اسانجي لاءِ اُهي تصويرون ڪنهن به شغل ۽ دلچسپيءَ کان گهٽ ناهن جيڪي سندس زبردست مداحن يا وري انجي خطرناڪ دشمنن، وقت جي ڪاغذن تي ويهي لِکيون آهن. جولين جا ڪرَ ۽ ڪارناما هڪ اهڙي منصف مزاج تاريخدان * ڪُليل، صاف نموني ۽ ايمانداريءَ سان بيان ڪيا آهن جيڪو سندس زندگي ۽ موت جو غيرجانبدار ۽ سچو شاهد هيو. ساڳئي وقت ۾ رهندڙ ٻين ماٺهن جي به هڪ جهڙي شاهديءَ جي تصديق، پنهنجن ذاتي توڙي قومي سطح تي ڏنل بيانن ۾ شهنشاهه خود ڪئي هئي ۽ سندس مختلف تحريرن ۾ مذهبي جذبن بابت سندس هڪ جهڙو لهجو نمايان آهي جيڪو جيڪڏهن سندس پاليسين جي وَر چڙهي وڃي ها تہ ان ۾ ڪيترين ڳالهيون لڪايون وڃن ها يا وري اُهي متاثر ٿين ها. اٽينس ۽ روم جي ديوتائن سان سندس عقيدت ۽ خلوص واري لڳاءَ سبب جولين پنهنجن جذبن ۾ ڪليل ڪتاب جيان ظاهر هيو[1] ۽ سندس ذهني ۽ مذهبي فراخدليءَ جي تاثر کي سندس وهمن وسوسن واري تعصب جي اثر خراب ڪري ۽ بگاڙي ڇڏيو هو. ۽ جيڪي اڃايا خيال ۽ وهم وسوسا فقط شهنشاهه جي دماغ ۾ گهر ڪري ويهي رهيا هيا اُنهن شهنشاهت جي حڪومت تي سخت هاڃيڪار ۽ خطرناڪ اثر ڇڏيا. عيسائين جي پُرجوش ڪارڪ، جيڪي عبادت کان نفرت ڪندا هيا ۽ جن وڏن نالیوارن ديوتائن جي قربانگاهن کي به صفا اُکاڙي ۽ ڊاهي ڇڏيو هو ۽ پنهنجن پوئلڳن ۽ مريدن کي پنهنجي رعيت جي بيشمار ماٺهن سان نہ ختم ٿيندڙ دشمنيءَ ۾ اُلجهائي ڇڏيو هو تہ اهڙيءَ صورتحال ۾، ڪيس ڪڏهن فتح ڪرڻ جو جوش سندس اندر ۾ جاڳي پوندو هو تہ وري امڪاني شڪست اچڻ جي شرمساريءَ کان به ڊڄندو هو تہ ساڳي وقت دوراندیشي، ڏاهپ توڙي انصاف جي قانونن کي به اورانگهي ويندو هو. جنهن ڏُر کي هن ڇڏي ڏنو هو ۽ سندس مخالفت ڪئي هئي، اُها سرخرو ٿي ۽ جولين جي نالي پويان هڪ بدنما داغ هٽي ڇڏيائون ۽ ناڪام مرتد تي مهذب گارين جو وسڪارو شروع ٿي چڪو هو جنهن جون اڳواڻ واڌايون ان گونجدار توتاري[2] ذريعي ماٺهن تائين پهچي

چڪيون هيون جيڪو گريگري نازيانزين[3] وڃايو هو. ڪيترن ئي واقعن ۽ حالتن جو دلچسپ رُخ، جيڪو هڪ متحرڪ حاڪر جي مختصر اقتدار ۾ اختيار ڪيو ويو هو، اهو اسان کان واقعاتي تفصيل ۽ انصاف تي مبني احوال پيش ڪرڻ جي تقاضا ڪري ٿو. سندس متصّد، سندس مشورا توڙي سندس عملَ جن جو تعلق مذهب جي تاريخ سان آهي هن بابَ جا اهم موضوع هوندا.

مرتد هئڻ يا مذهب کي چڏڻ جي موتمار سبب کي سندس شروعاتي زندگيءَ ۾ ڳولي سگهجي ٿو جڏهن هو پنهنجي ئي خاندان جي قاتلن جي هٿن ۾ هڪ يتيم طور چڏيو ويو هيو. حضرت عيسيٰ (ع - س) ۽ ڪانسٽنٽينَس جا نالا ۽ غلامي ۽ مذهب بابت نظريا، نندپڻ ۾ ئي سندس ذهن ۽ خيالن ۾ سمائجي چڪا هيا ۽ ٿه هالڪپڻي ۾ ڪي به خيال ۽ جذبا دل ۽ ذهن تي بنادير نقش ٿي ويندا آهن. جڏهن هو ايا نندڙو ٻار هو ته سندس پالڻ سانيڻ يوسيبيَس جي ذميواري بنجي چڪي هئي جيڪو نڪوميڊيا جو بشپ هيو [4] ۽ ماءُ جي حوالي سان سندس مائٽ به هيو ۽ جيستائين جوليَن پنهنجي ڄمار جي ويهين سال تائين سنڀر ڪيو ته هن پنهنجن عيسائي استادن کان جيڪا تعليم ورتي هئي سا هڪ سورمي واري نه پر هڪ درويش ۽ بزرگ واري هئي. شهنشاهه، جنهن کي جنت جي مقابلي ۾ زميني تاج حاصل ڪرڻ جو وڏيڪ اونو هو، عيسائيت جي شروعاتي مذهبي رسمن اختيار ڪرڻ ۾ بس خاموش هو جيڪي نامڪمل ۽ اڌوريون هيون پر تنهن هوندي به پاڪ غسل ذريعي هن ڪانسٽنٽائن جي پائٽين کي [6] عيسائي بنايو هو. نه رڳو ايترو پر کين ڪليسائيَ سلسلي جي نندن عهدن ۾ به شامل ڪيو ويو هو ۽ نڪوميڊيا جي ڪليسا ۾ جولين پاڻ پاڪ ڪتابن منجهان حوالا پڙهي اها رسم ادا ڪئي هئي. مذهب جو مطالعو جيڪو هنن لڳاتار جاري رکيو هو، سندن عقيدن ۽ ارپنا کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيو.[7] اُهي عبادت ڪندا هيا، روزا رکندا هيا، غريبن ۾ خير خيرات ورهائيندا هيا، مذهبي ماٺهن کي تحفا ڏيندا هيا ۽ شهيدن جي مقبرن تي وڃي صدقن ۽ قربانين جون رسمون ادا ڪندا هيا ۽ سرئريا ۾ سينٽ مئمس جو شاندار يادگار پڻ ڪٽلَس ۽ جولين جي گڏيل ڪوششن سان تعمير ڪرايو ويو.[8] اُنهن اهڙن بشپن سان عزت ۽ وقار سان ڳالهايو جن جو معاشري ۾ احترام ڪيو ويندو هو ۽ ٻاوَن ۽ روحاني درويشن کي عرض ڪيائون ته هو سندن حق ۾ دعا ڪَهرن، هي اُهي روحاني اوتار هيا جن ڪپاڊوشيا ۾ رياضت ۽ پرهيزگاري جي سخت زندگيءَ جي پهريون پاڻ شروعات ڪئي هئي پوءِ ٻيا به ان ۾ شامل ٿي ويا هيا.[9] جيئن جيئن ٻئي شهزادا بلوغت طرف وڌندا رهيا ته ٻئهي پنهنجن مذهبي عقيدن ۾ پنهنجي ڪردار جو واضح فرق محسوس ڪيو. ڪٽلَس جي اڻ ڇڻي ۽ ضدي مزاج، عيسائيت جي اصولن کي جوش ۽ ولولي منجهان قبول ڪري ورتو ۽ ان جي باوجود ايڏي وڏي فيصلي ڪرڻ ڪانپوءِ به سندس طبيعت يا مزاج تي رتيءَ ماتر به اثر نه ٿيو. جڏهن ته نندي ياءُ جي نرم ۽ برد بار بار طبيعت مقدس ڪتاب جي اصولن کي مڃڻ جي خلاف نه هئي ۽ سندس جستجو ڪندڙ طبيعت ان ديني سرشتي کان مطمئن نظر ٿي آئي جنهن ذريعي حقيقي معبود جي ازلي وجود جي ڄاڻ ملي ٿي ۽ جنهن ذريعي ايندڙ وقت ۽ اڻڄاتل دنيا جي گوناگون رازن تان پردو کڄي ٿو ۽ ڪيترن ئي نوَن جهانن جو به پتو پوي ٿو. پر جوليَن جي آزاد مزاج، چپ چاپ ۽ خاموشيءَ واري فرمانبرداري ڪرڻ کان انڪار ڪيو جنهن جي، مذهبي رسمن ۽ روايتن توڙي ڪليسا جي هٿيلن وزيرن جي مرضيءَ مطابق، ۽ وقت جي حالتن پٽاندر، سخت ضرورت هئي. سندن فرضي خيالن ۽ اندازن کي به

جهڙوڪر قانون جو درجو حاصل هو، جن تي وري دائمي سزائن جي خطرن جو خوف طاري هيو: هڪ طرف هو نوجوان شهنشاهه جي خيالن، نظرين ۽ عملن کي سختيءَ سان نافذ ڪرڻ جي تلقين ڪري رهيا هيا ته ٻي طرف هو سندس آزاد اعتراضن ۽ احتجاجن کي رد ڪري رهيا هيا: اهڙيءَ طرح جڏ هو اندروني طور تي سندس اندر واري بيدار ۽ بيصبر ذهن کي اُکسائي ۽ ناراض ڪري رهيا هيا ته جيئن هو ڪليسائي رهبري وٺڻ کي يا ته ڇڏي ڏئي يا ان جي اختيارن کان بنهه بيزاريءَ جو اظهار ڪري. هُن پنهنجي تعليم هيٺين ايشيا ۾ آرين تضادن ۽ اختلافن جي وڏوڙي حالتن جي فضا ۾ حاصل ڪئي هئي.[10] اوپر جي بشپن جا هڪ ٻئي سان سخت مذهبي مقابلا، سندن عقيدن ۾ تڪڙيون تبديليون، ۽ مذهب سان سندن گستاخيءَ وارن روّين جن، ذريعي سندن روّش ۽ ڪردار کي پرکيو پئي ويو، انهن سيني گڏجي جولين جي شڪن ۽ گمانن کي مضبوط ڪيو ته هنن ان مذهب کي نه ته پوريءَ طرح سمجهيو هو ۽ نه وري ان ۾ سندن عقيدي جي پختگي نظر ٿي آئي جنهن جي حفاظت ۾ هنن اڳ پاڻ ۾ بحث مباحثا ٿي ڪيا. نتيجو اهو نڪتو جو عيسائيت جي باري ۾ دليلن ۽ ثابتين کي غور ۽ فڪر سان ٻُڌڻ جي بجاءِ، هن اُنهن کي شڪ ۽ گمان سان ٻڌو ۽ اُنهن مَتن ۽ اصولن تي بہ گهٽو اختلاف ۽ جائز ضد ڪيو جن جي باري ۾ هو اڳواڻ ٿي پنهنجي دل ۾ سخت روّيو اختيار ڪري چڪو هو جنهن جي تبديل ٿيڻ جو امڪان گهٽ ٿي نظر آيو. جڏهن بہ نوجوان شهزادن کي مذهبي اختلافن ۽ تضادن جي باري ۾ ڪجهه ڳالهائڻ يا لکڻ لاءِ چيو ويندو هو ته جولين بنا دير جي لامذهبيت جي حق ۾ ڳالهائيندو هو جنهن ۾ سندس شاندار دليل هي هوندو هو ته سندس ڄاڻ ۽ ذهانت جو وهڪرو هڪ ڪمزور مقصد ۽ سرشتي جي حق ۾ شايد وڌيڪ اثرائتو ۽ ڪارائتو ثابت ٿيندو.

جيئن ٿي گئلس شهنشاهت جي تخت تي ويٺو، ته جولين کي اجازت ڏني وئي ته هو پلي آزاد فضا ۾ خوش گذاري جنهن ۾ علم ۽ ادب جو ماحول هجي ۽ ڪيس لامذهب روّين کي اختيار ڪرڻ جي بہ اجازت ڏني وئي.[11] سندن شاهي شاگرد جي نفيس ادبي ذوق ۽ ذهني فراخدليءَ سبب، فيلسوفن جو ميڙاڪو، زوريءَ ڇڪجي وٽس حاضريون پريندو رهندو هو جن جي ڪوششن سان ڏاهپ ۽ يونان جي مذهب جي وچ ۾ هڪ مانائتو معاهدو طئي ٿيو هو ۽ هومر جي شاعريءَ جي تعريف، هڪ انساني ذهن جي تخليق جي بجاءِ، اپولو ۽ ديوين جي بهشتي يا الهامي شاعريءَ سان منسوب ڪئي وئي. اولمپس جا ديوتا، جن کي جيئن ڪنهن لافاني شاعر بيان ڪيو آهي، ذهن جي پردن تي اهڙيءَ طرح نروار ٿين ٿا جو اُنهن تي وهمن وسوسن جي سادگيءَ جو هرگز گمان نٿو گذري. سندن نالن، ڪردارن، شڪلين ۽ خاصيتن بابت اسانجي عام طرح ڄاڻ، اهڙن آسماني ۽ مٿاهين هستين کي حقيقي ۽ سچو وجود عطا ڪري ٿي ۽ اسانکي انوقت جيڪا روحاني خوشي ۽ لذت حاصل ٿئي ٿي، اُها تصوراتي اُڏام ذريعي اسانکي في الحال عارضي بلندي ۽ اُنهن قصن ڪهاڻين ڏانهن وڃي وڃي ٿي جيڪي اسانجي منطق، دليلن ۽ تجربي جي بلڪل اُبتڙ ۽ ٽڪراءَ ۾ آهن. جولين جي دؤر ۾ هر نئين ڳالهه، دوکي ۽ فريب جي اوائلي قصن ڪهاڻين کي پئي اينگهائيندي ۽ وڌيڪ مضبوط بنائيندي هئي: مثال طور يونان ۽ ايشيا جا شاندار مندر جن تي وڏن وڏن فنڪارن ۽ مصورن جي نقش نگاري ۽ پينٽنگ جا تعريف لائق ڪر ٿيل هيا، شاعرن جا الهامي تصور، قربانين جا جشن ۽ اُنهن جي نمائش، اڳڪٿين ۽ پيشنگوين جا ڪرتب، معجزن ۽ غير معمولي واقعن جون مشهور روايتون ۽ ٻن هزار سالن جي قديمي ڏند ڪٿا وغيره.

گهڻ خدائن ۾ اعتقاد جي ڪمزوريءَ کي، ساڳئي عقيدي ۾ ترميم ڪري ان جو ازالو ڪيو ويو ۽ لامذهبن جو جذبو ڇڙواڳ بي اعتقادي کان گهٽو مختلف نه هيو.[12] بجاءِ هڪ باقاعدگي واري ۽ اٽوٽ سرشتي جي جنهن سان هڪ اعتقاد ڪندڙ دماغ ۾ وسعت پيدا ٿيندي آهي، يونانين جي دين جو فلسفو هيڏانهن هوڏانهن جي هزارن عقيدن تي ٻڌل هو تنهنڪري ديوتائن جي خدمتگارن کي اجازت هئي ته هو پنهنجي مذهبي عقيدي جي وضاحت يا تشريح پنهنجي مرضيءَ مطابق جيئن وٽين ٿيئن ڪن. جيڪو عقيدو جوليَن پنهنجي لاءِ اختيار ڪيو هو سو بيحد وسيع ۽ ڪشادگيءَ وارو هو. هڪ عجيب تضاد ذريعي، هن نفرت منجهان عيسائيت جو طوق پنهنجي ڳچيءَ مان لاهي ڦٽوڪيو ۽ هن سلسلي ۾ هن پاٽمرادو جوپيٽر ۽ اَپولو جي قربانگاهن تي وڃي دليل ڏنا ته هن ۾ عيسائيت کي ڇڏيو هو. جوليَن جي هڪ تقرير سائيبيل جي احترام ۾ ڪيس ارپي وئي آهي جنهن کي ديوتائن جي ماءُ ڄيو ويندو آهي جنهن پنهنجن نامرد ٻاوَن کان رَت جي قرباني گهري هئي،* جنهن کي فرجيا جي نوجوان تمام اُبهرائيءَ مان پيش ڪيو هو. نيڪ شهنشاهه، بغير ڪنهن ڪاوڙ ۽ ٻنا ڪنهن مُرڪ جي، وڏي شفقت ڪندي ان ديويءَ جي ساموندي سفر کي بيان ڪري جيڪو پرگئمَس جي ڪنارن کان ٽائبر جي مُهڙ تائين جاري رهيو هو ۽ جيڪو شاندار معجزو ٿيو هو جنهن روم جي سينيٽ توڙي عوام کي يقين ڏياريو هو ته منّيءَ جو ڳوڙهو يا ٽڪرو جيڪو سندس سفيرن سمنڊ مٽان هلايو هو، ان ۾ زندگي ۽ هئي ته جذبا ۽ هيا ته ساڳي وقت قدرتي طاقت ۽ ان ۾ موجود هئي.[13] هن غيرمعمولي واقعي جي سچائيءَ لاءِ، هو شهر جي مشهور قومي يادگارن ڏانهن رجوع ڪري ۽ سخت لفظن ۾ اُنهن بيمار ذهنيت رکندڙ ماڻهن جي پسند ۽ ذوق جي مذمت ڪري جيڪي پنهنجي وڏڙن، بزرگن ۽ ابن ڏاڏن جي مقدس ريتن رسمن تي بيجا ٽٽوليون ڪندا هيا.[14]

پر هڪ پڪو پختو فيلسوف جنهن جو وهمن وسوسن ۾ پنهنجو ۽ پورو يقين هو ته هُن ماڻهن کي ۽ اهڙي عقيدي طرف همٿايو پر پنهنجي اعتقاد کي فراخدليءَ سان رکيائين، چُپ چاپ ۾ ۽ غير محسوس ٿيندڙ طريقي سان قربانگاهن جي دروازن ۽ مندرن جهڙين پاڪ جڳهن جي طوافن ڪرڻ کان پاڻ پوئتي هٽي ويو. يونان جي ڏندڪٿائن ۾ صاف ۽ واضح طرح سان هڪ ڳالهه مشهور هئي ته هڪ نيڪ جستجو ڪندڙ کي، نه ته بدناميءَ جو پئو ڪرڻ گهرجي ۽ نه وري سطحي ڳالهين تي مطمئن ٿي ويهي رهڻ گهرجي پر ڪيس وڏي جاکوڙ ۽ محنت ڪرڻي آهي ته جيئن قديمي ڏاهپ، دوراندیشي، ڪائنات جي ڳجهن ۽ لڪل رازن ۽ اسرارن تان بيوقوفين جي قصن ڪهاڻين جو پردو هٽائي، اصل حقيقت تائين پهچڻ گهرجي.[15] افلاطون سان لاڳاپيل فيلسوف،[16] جيئن پلوٽينَس، پورفري ۽ نيڪ لئمبليچَس کي تمثيلي ۽ علامتي سائنس جي ذهين استادن طور تسليم ڪيو ويندو هو جنهن جو مقصد لادينيت جي بگڙيل روپ کي ڪجهه نرم ۽ صاف ڪري بهتر انداز ۾ پيش ڪرڻ هو. جولين جن، لئمبليچَس جي پڪي عقيدتمند ايديسيَس جي هدايت تي ڳجهن رازن کي پروڙڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، بي بها خزاني کي هٿ ڪرڻ تي چاهيو جيڪو، سندس قَسر واري اقرار مطابق، سڄي دنيا جي شهنشاهت کان ۾ وڌيڪ وڏو ۽ قيمتي هو.[17] اهو واقعي اهڙو خزانو هو جنهن جي قيمت فقط اندازن موجب لڳائي ٿي ويئي، ۽ هر فنڪار پنهنجي پنهنجي حساب سان ٻڌاڪون ٿي هنيون ته هُن ٽي هڪ گنڊَ جي ڊير مان هيري جي لاجواب ڪاڻ کي ڳولي لڌو هو ۽ پنهنجي پنهنجي خيال ۽ تصور موجب هر هڪ ڏ[illegible]هوءَ ان تي پنهنجي [illegible] تصوير جي مُهَر لڳائڻ ٿي چاهي. اَئٽِس ۽ سائبيل جو افسانو اڳ ۾ ئي پورفري سمجهائي چڪو هو پر

سندس محنت رڳو جوليَن جي نيڪين کي وڌيڪ پختو ڪيو جنهن ان قديمي ۽ صوفياڻي آکاڻيءَ کي پنهنجي طرفان وڌيڪ گهڙي، سينگاري ۽ سنواري چڏيو ۽ ان کي استعاراتي يا تشبيهي انداز ونرائي چپرائي ۾ چڏيو ۽ تعبير ڪرڻ جي آزادي يا ايا ۾ ائين ڪٿي چٽجي ته چڙواڳي جنهن افلاطونين جي فخر ۽ ڦوند کي مطمئن ته پلي ڪيو هجي پر سندن تخليق جي سڪٽائپ کي وائکو ضرور ڪري چڏيو هو. تنهنڪري اڄ جو پڙهندڙ، ڏکهي ۽ ڳوڙهي تفصيل کانسواءِ، ڏنل حوالن کي پوريءَ طرح نه سمجهي سگهندو يا جيڪو غير فطري لفظن جو چيد بيان ڪيل آهي جنهن ۾ ڪافي ڪوڪلائپ نظر ٿي اچي ۽ بزرگن يا درويشن جي نه سمجهه ۾ ايندڙ اٽڪڻائي ۾ ان ۾ واضح نٿي ٿئي جن هن ڪائنات جي رازن کي کولڻ يا فاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. جيئن ته لادينيت جي فلسفي جون روايتون مختلف طريقن سان بيان ٿيل آهن، ته جيڪي نيڪ ترجمان هيا، آنهن کي پورو اختيار ۽ آزادي هئي ته پنهنجي مطلب ۽ مقصد وارا ٽڪرا ڪٽي ترجمو يا ان جي تعبير ڪن، ۽ جيئن ئي پوءِ ڪنهن به ڳجهيءَ ڳالهه جي تعبير پنهنجي مزاج ۽ مرضيءَ موجب ڪرڻ لڳا ته هو ڪنهن به ڪهاڻي يا انساني منجهان ڪو به مطلب ڪڍي ٿي سگهيا جيڪو سندن مذهب ۽ فلسفي سان مطابقت رکندڙ هجي. اگهاڙي زهره (وينَس) جي شهواني مجسمي منجهان به ڪنهن اخلاقي اصول ۽ ظاهري سچ جي معنيٰ ۽ مطلب ڪڍيو ويو ۽ ائٽِس جي خَسي ڪرڻ کي سڄ جو گردان ڪوٺيو ويو جيڪو تپش ۾ انساني روح کي بيحيائي ۽ غلطين کان جدا ڪري ٿو.[18]

جولين جي ديني سرشتي ۾ فطري مذهب جا اُتاهان ۽ اهر اصول سمايل هيا. پر جيئن ته عقيدو ڪنهن به الهام تي بڌل نه هوندو آهي ته اُن ۾ ڪابه ڳالهه يقيني نه هوندي آهي، تنهنڪري افلاطون جا پوئلڳ، نادانيءَ منجهان بيحيائيءَ جهڙن وهمن وسوسن جي گمراهيءَ طرف هليا ويا ۽ رب العزت جي عظمت جي ڇاتل سڃاتل ۽ مڃيل عقيدي کي عملي طور، تحريرن توڙي جولين جي دماغ ۽ سوچ ۾ به شڪ ۽ گمان وارو بنايو ويو.[19] نيڪ شهنشاهه توڙي جو ڪائنات جي دائمي ۽ ازلي وجود ۽ ڪارڻ کي تسليم ٿي ڪيو ۽ ان جي عبادت ٿي ڪئي جنهن سان هن لامحدوديت جون سيئي تڪميلون منسوب ٿي ڪيون جنهن کي نه ته اکين سان ڏسي ۽ پسي سگهجي ٿو ۽ نه وري اُها عظيم ترين هستي اسان ڪمزور ذهن رکندڙ فاني ماڻهن جي سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي. عظيم تر رب العزت، هڪ هئي تي مدار رکندڙ روحن جي هڪ سلسلي کي پيدا يا وري افلاطوني محاوري ۾ ائين چئجي ته تخليق ڪيو هو جن ۾ ديوتا، بدروح، سورما ۽ انسان شامل هيا ۽ هر خليقل شئي پنهنجو اصل نسل "پهرئين ڪارڻ" سان منسوب ٿي ڪيو تنهنڪري اهو تصور ڪيو ٿي ويو ته ڪين به لافانيت جو ڇڻ تحفو عطا ٿي ڪجي هو. جيئن ته ايڏو لاجواب فائدو اڳرين تخليقن تي نچاور نه ڪرڻو هو جيڪي ان جون اهل ئي نه هيون ته ان صورت ۾ انساني جسم جي بناوٽ کي ناهڻ يا جانورن، پاڇين ۽ معدني دنيا جي شين کي سونهن عطا ڪرڻ ۽ اُنهن کي خوبصورت طريقي سان ترتيب ڏيڻ جو ڪم، ڪائنات جي خالق، نندن نندن خدائن جي حوالي ڪري چڏيو هو. جن کي رب العزت اوترو عقل ۽ گهربل اختيار به ڏئي چڏيا هيا. هنن خدائي وزيرن کي هيٺين دنيا جي حڪومت جا عارضي اختيار به سؤنپيا ويا هيا پر سندن نامڪمل انتظام ۾ ڪيترين ئي ڪوتاهين ۽ غلطين موجود هيون، هيءَ زمين ۽ اُنهن جا رهواسي منجهن ورهايا ويا هيا ۽ مختلف سيّارا ديوين توڙي ديوتا پنهنجن پنهنجن عقيدتمندن منجهه، سندن قاعدن پٽاندر عمل ڪري رهيا هيا.

جيستائين اسانجا لافاني روحَ، فاني جسم ۾ قيد رهن تا تہ اها ڳالهہ اسانجي فائدي ۾ هوندي ۽ اسانجي لاءِ ضروري ۽ آهي تہ اسان فطرت ۽ قدرت جي طاقت آڏو پنهنجي لاءِ رحم ۽ مهرباني۽ لاءِ ٻاڌايون ۽ ائين نہ ٿئي جو ان کي ناراض ڪريون جنهن جي عظمت انساني تابعداري ۽ فرمانبرداري۽ ذريعي خوش رهي ٿي ۽ جنهن جو وجود ڪجهہ قربانين جي نذراني پيش ڪرڻ سان اسانتي راضي رهي ٿو.[20] هيئيان ۽ ننڍا ديوتا ڪڏهن ڪڏهن مهربانيون ڪندي مجسمن ۾ نڻون روح ٿوڪي کين متحرڪ ڪن ٿا ۽ اُنهن مندرن ۾ اچي پنهنجو ديرو ڇمائن ٿا جيڪي سندن مانَ ۾ تعمير ڪري کين ارپيا ويا هيا. اُهي ڪڏهن زمين تي ۽ نازل ٿين تا پر بهشت ئي سندن مستقل رهائش گاهہ يا تخت آهي جنهن ۾ هو سدائين رهن ٿا ۽ جيڪو سندن عظمت ۽ تقدس جي نشاني ۽ آهي. سڄ چند ۽ تارن جي غير تبديل ٽينڊ سرشتي کي جوليَن اُنهن جي لازوال هئڻ جو ثبوت تصور ڪيو ۽ اُنهن جو دائمي هجڻ، ان ڳالهہ جو پڪو پختو ثبوت هيو تہ اهو ڪارنامو ڪنهن هيئين يا ننڍي خدا جو نہ پر هڪ دائمي ۽ لازوال قادر - مطلق جو هيو جيڪو ابدي ۽ ازلي ڪائنات جو شهنشاهہ هيو. افلاطونين جي سرشتي ۾ جيڪو ڪجهہ ظاهري طرح نظر اچي رهيو هو اُهو ڇڻ لِڪل ۽ مخفي دنيا جو هڪ نمونو هو. جيڪي آسماني يا جنتي وجود هيا جن جي رهبري هڪ قدرتي روح ذريعي ڪئي ٿي ويئي، اُنهن کي اهڙيون تقدس واريون شيون سمجهيو ٿي ويو جيڪي مذهبي عبادت جي پوري۽ طرح لائق هيون. سڄ، جنهن جو سڄي دنيا تي هڪ دائمي، وٽندڙ ۽ خوشگوار اثر آهي، انسانذات طرفان جائز تعريف ٿي لهٽي، جيڪو "لوگوس" (رب ۽ دنيا کي سمجهڻ جو علم) جو چمڪندڙ، مستحڪم ۽ مدلل نمائندو آهي ۽ عظيم دماغ رکندڙ ۽ " لازوال پيءُ " جو بيحد خوبصورت پاڇو آهي.[21]

هر دؤر ۾، نج اُتساهہ يا سچن جذبن جي ڪوٽ کي نقلي ۽ ڪوڙي جوش جي دوکي ۽ دولاب ذريعي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. جيڪڏهن جولين جي وقت ۾، اهڙي منافقي۽ جي فنڪاري۽ ۾ لادين ٻاوا ڪجهہ اڳيرا هيا ڇو تہ هنن کي محسوس ٿي رهيو هو تہ هاٿي سندن مقصد جي پڄاڻي ٿيڻ واري هئي تہ ان ۾ پاپائي يا پادريت جي ڪردار جو بہ وڏو هٿ هيو. پر اها وڏي حيرت ۽ بدناميءَ جهڙي ڳالهہ آهي تہ وڏا وڏا فيلسوف خود انسانذات جي وهمن وسوسن جي ناداني۽ وارن طريقن جو ناجائز ۽ غلط فائدو ونڊندا رهيا [22] ۽ يونان جي گُوڙهن رازن ۽ فلسفن کي، جديد افلاطونين طرفان جادو، ڏڳي ۽ فريب* جي پردن ۾ ڍڪي پيش ڪيو ويو. هو وڏي هٹَ ۽ تڪبر مان، فطرت جي قانونن تي ضابطي رکڻ، ايندڙ وقت جي گُجهن رازن کي ظاهر ڪرڻ، ننڍين ۽ رواجي جنن پُوتن جون خدمتون حاصل ڪرڻ، وڏن ديوتائن سان روزانو ملاقاتون ڪرڻ ۽ اُنهن سان همڪلام ٿيڻ، ۽ روح کي پنهنجي اصلي وجود کان جدا ڪرڻ ۽ وري ان لافاني جُزي يعني روح کي ازلي، ابدي ۽ لامحدود هستي يعني رب العزت سان ٻيهر ملائڻ جون ڍاڙون ۽ ڪوڙيون دعوائون ڪندا رهندا هيا.

جولين جي بيخوف ۽ عقيدتمندي واري جستجو، فيلسوفن کي يقين ڏياريو تہ هو آسانيءَ سان فتح ۽ خوشنودي حاصل ڪري ونڊندا، جيڪا نوجوان مذهب اختيار ڪندڙ جي ظاهري طور طريقن پٽاندر، نهايت ئي اهم نتيجن ظاهر ٿيڻ جي انديشن لاءِ اُميد افزا هئي.[23] جوليَن، افلاطوني فلسفي جا شروعاتي سبَق ايڊيسيَس کان ورتا جنهن لڳاتار جستجو جي رولڙن ۽ اسڪول جي اڌينن واري سفر ڪانپوءِ پرگئمَس ۾ اچي پنهنجي رهائش اختيار ڪئي

هئي. پر، جيئن ته هن درويش ۽ جاکوڙي فيلسوف جي صحت ۽ جساني توانائي پنهنجي شاگرد جي جوش، مسلسل محنت ۽ تيز ذهانت سان مقابلو نٿي ڪري سگهي. تنهنڪري هن پنهنجي شاگرد جي وڌيڪ سکيا جو ڪم پنهنجن ٻن ذهين شاگردن ڪرسٽنٽيَس ۽ يوسيبيَس جي حوالي ڪيو جيڪي خود وڏا پڙهيل لکيل عالم هيا ۽ اهو ڪم جولين جي خواهش مطابق ٿيو ته سندس وڏي عمر واري استاد جي جڳهه فقط اُهي ئي والاري ٿي سگهيا جيڪي سندس محسن جا عالم شاگرد هجن. لڳي ٿو ته هنن فيلسوفن هڪ اهڙو منصوبو ٺاهيو ۽ ان کي وڏي مڪاريءَ مان تيار ڪيو جنهن ۾ رڳو نقصانڪار ۽ هاڃيڪار تجويزون اهڙيءَ طرح رٿيون ويون هيون جن ان بيصبر خواهشمند کي جذبات ۾ آڻي ڇڏيو ۽ نيٺ هن کي پنهنجي ساڻي مئڪسيمَس جي هٿن تائين پهچائي ڇڏيو جيڪو سازشن جي سائنس ۾ تمام وڏي مهارت رکندو هو. جولين اڃا ويهن ورهن جو مَس ٿيو هو ته ڪيس چپ چاپ ۾ سازش ذريعي افيسَس تائين پهچايو ويو. اٽينس ۾ سندس رهائش گاهه تان فلسفي ۽ وهمن وسوسن جي غير فطري ميلاپ جي تصديق ڪئي وئي. ڪيس اهو اعزاز ضرور حاصل ٿيو ته هُن اِليوسِس + جي رازن کي ڇاڻڻ جي شروعات ڪري ڇڏي جنهن ۾ يونان جي عبادت جي سرشتي جي زوال جي دؤر ۾ پيي اوائلي تقدس جا آثار منجهس اڃا تائين موجود هيا ۽ جولين جو جوش جذبو ايترو ته اڇيرو هو جو هن گال جي ڪورٽ ۾ اليوسينين جي پادري کي دعوت ڏني جنهن جو مقصد فقط هي هو ته سندس ڪيل نمايان ڪمن، جيئن صوفياڻي رمزيت ۽ قربانين جي روايتن کي تقدس ۽ تعظيم جو درجو ڏئي ۽ جيڪي اڃا غور هيٺ هيا اُنهن کي تڪميل جي منزل تائين پهچائي ۽ اُنهن کي به اوترو مانُ ڏئي جيڪو اُنهن لهڻو هو. جيئن ته هي رسمون رات جي انڌاري ۽ خاموشيءَ ۾ وڏين اُونهين غارن جي اندر ادا ڪيون ويون هيون ۽ جيئن ته فاش نه ڪرڻ جهڙو رازَ فقط، رازدان وٽ محفوظ رکيو وڃو هو ته مونکي هينئَر جرئت نه ٿي ٿئي ته اُنهن پوائتن آوازن ۽ جنن پوتن جي ظاهر ٿيڻ جي خطرناڪ منظر نامي کي بيان ڪري سگهان جيڪي انهن رازن کي ڇاڻڻ جي پورڙي خواهشمند[24] جي سوچ يا تصور آڏو آشڪار ٿيا هوندا ۽ اهو سلسلو تيستائين پئي هليو جيستائين اوچتو ئي اوچتو هڪ بهشتي روشنيءَ جي تجلي مٿس ظاهر ٿي جنهن سُڪون ۽ ڇاڪ جو اَڻ کُٽ خزانو کيس سؤنپي ڇڏيو.[25] افيسَس ۽ اِليوسِس جي غارن ۾، جوليَن جو ذهن خلوص ۽ اڻ مِٽ سچن جذبن سان سرشار ٿي چڪو هو تورڙي جو هو ڪڏهن ڪڏهن منافقت ۽ پرهيزگاري ۾ لکل دوکن جي نمائش به ڪندو هو ۽ هي اهڙو اوگڻ هو جيڪو اڪثر ڪري مذهبي جنونين جي ڪردارن ۾ ڏسڻ ۾ ايندو هو. ان گهڙي کان فورن پوءِ هن پنهنجي زندگيءَ کي ديوتائن جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن ته سندس ڪافي وقت جنگين، حڪومت جي ڪمن ۽ مطالعي ۾ گذرندو هو پر تنهن هوندي به رات جي وقت مان ڪجهه حصو هو لازمي طور پنهنجي عقيدت، عبادت ۽ ارپنا لاءِ ڪڍي وٺندو هو. پرهيزگاري، جنهن سبب ڪجهه فوجين ۽ فيلسوفن جي عادتن ۾ سڻائي ۽ وقار نظر ايندو هو، سو ڪجهه مذهبي ماڻهن جي اٿئي ويهڻي ۽ اصولن ۾ پڻ نظر اچڻ لڳو ۽ اهو وقار چراگاهن يا ڏاڻن جي ديوتا، ديوتائن جي قاصد ۽ هڪ ديوي جو هو جنهن جوليَن کي، ڪجهه خاص ڏينهن تي ڪاڏي واپرائڻ کان پري رکيو هو چاڪاڻ ته شايد اُهي ڪاڏا جولين جي خدائن کي ناپسند هيا، پاڻمرادن روزن رکڻ سبب، هن پنهنجن حواسن ۽ سوچ سمجهه کي اُنهن ملاقاتن ۽ دؤرن ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو جن ذريعي کيس بهشت جي سير ڪرڻ جا اختيار سؤنپيا ويا هيا. تورڙي جو جولين پنهنجي طرفان ته خاموشي اختيار ڪئي هئي پر اسانکي سندس وفادار

دوست ۽ تقرير جي ماهر لبينيس ذريعي معلوم ٿيو ته هو ديوئن ۽ ديوتائن سان مسلسل رابطي ۾ رهندو هو ۽ اُهي ساڻس ملاقات ڪرڻ لاءِ آسمان تان زمين تي لهي ايندا هيا ته جيئن پنهنجي پسنديده سورمي سان ڳالهائڻ جو شرف حاصل ڪري سگهن. ۽ اُهي اڪثر ڪري سندس هٿن يا وارن کي ڇُهي ڪيس ننڍ مان اڇي جا ڳائيندا هيا. ۽ هو ڪيس سيني خطرن کان بہ آگاھ ڪندا رهندا هيا. پنهنجي معصوم ۽ پاڪ ڏاهپ ذريعي سندس زندگي جي هر ڪر ۾ سندس رهبري ڪندا رهندا هيا ۽ جولين کي اهڙيءَ طرح پنهنجي جنت جي دوستن ۽ مهمانن جي ايتري ته ڇاڻ ٿي چڪي هئي جو سندن آوازن مان ئي سڃاڻي وڃندو هو ته جوپيٽر هو يا مِنروا، يا وري شڪلين ذريعي پڻ اپولو کي هرڪيولس کان آسانيءَ سان ڌار ڪري سڃاڻي وڃندو هو.[26] جاڳ يا ننڍ وارا هي خواب يا تصور ۽ ڪاڏي پيتي کان پرهيز ڪرڻ توڙي جنوني ڪيفيت جي اثرن، شهنشاهه جي درجي کي گهٽائي مصر جي ٻاوَن جي سطح تي آڻي ڇڏيو هو. پر ائٽني يا پئچوميَس جي اجائي زندگي پڻ اهڙن ئي فضول ڏنڏن ۾ گذري وئي هئي. جوليَن، وهمن وسوسن جي اهڙي خواب مان جاڳي ٿي سگهيو ۽ جنگ جي ڪنهن مقصد واري هلچل جي شروعات ڪري ٿي سگهيو: بهرحال هو روم جي دشمنن تي سوپ حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي گهر اڇي آرامي ٿيو ته جيئن پنهنجي شهنشاهت جي صحتمند قانونن تي ماڻهن کان عمل ڪرائي سگهي يا وري پنهنجي ذهن کي علم، ادب ۽ فلسفي جي شاندار جستجو ۾ مصروف ڪري ڇڏي.

جولين جي دين کان ڦِرڻ يا مرتد ٿيڻ جي راز کي، شروعاتي مرحلن جي سندس هڪ دوست کي سؤنپيو ويو هو جنهن سان هو گهاڻي دوستي ۽ مذهب جي رشتن سان لاڳاپيل هيو.[27] ان دلچسپ افواهه کي اوائلي عبادت گذارن ۾ وڏي احتياط سان مشهور ڪيو ويو ۽ سندس ايندڙ وقت جي عظمت، ماڻهن لاءِ شهنشاهت جي هر صوبي ۾ اُميدن عبادتن ۽ لادينن جي لاءِ آسرن جو باعث بنجي وئي. هڪ شهنشاهه جي مذهب مٽائڻ ۽ سندس جوش جذبي ۽ اعليٰ اخلاق سبب هنن جي اندر ۾ اُميدون پيدا ٿي پيون ته هاڻي هر برائيءَ جو خاتمو ٿيندو ۽ هر ڇگهائي وٽن واپس ايندي: ۽ بجاءِ سندن خواهشن ۽ جوش جذبن کي رد ڪرڻ جي، جولين وڏي فراخدلي ۽ ذهانت سان اها ڳالهه قبول ڪئي ته سندس دلي خواهش هئي ته هو ڪو اهڙو ڪر ڪري وڃي جيڪو ملڪ توڙي مذهب لاءِ فائدي وارو هجي. پر سندس مذهب کي ڪانسٽنٽائن* جي جانشين بُري نظر سان ڏٺو جنهن جي غير يقيني جذبن ڪڏهن ته جوليَن جي جان بچائي ٿي ۽ ڪڏهن وري اُنهن کان ئي کيس زندگيَ جو خطرو ٿي رهيو. آمريت واري حڪومت ۾ جادو توڙي اڳڪٿين ڪرڻ جي ڪرتبن ڏيکارڻ جي هاڻي سختيءَ سان منع ڪئي وئي هئي ڇاڪاڻ ته حڪومت کي بہ خطرو هو ڇو ته جيڪڏهن لامذهبن کي پنهنجن وهمن وسوسن کي جاري رکڻ جي اجازت ڏني وئي ته اهو عمل جانبداريءَ وارو هوندو جيڪو عام سهَپ يا سيني سان هڪ جهڙي روَيي رکڻ جي اصول جي مخالفت ۾ هوندو. بهرحال دين کان انڪاري شخص ئي هاڻ بادشاهت جو وارث بڻجي ويو ۽ عيسائين کي فقط سندس موت جي صورت ۾ ئي اطمينان اڇي ٿي سگهيو ۽ سندن خوف ۽ خدشا دور ٿي سگهيا ٿي.[28] پر نوجوان شهزادي، جنهنکي شهيد جي بجاءِ هڪ بهادر سورمي جي شان شوڪت حاصل ڪرڻ جي وڏيڪ خواهش هئي، پنهنجي سلامتي فقط پنهنجي مذهبي بهرو پيائيءَ ۾ سمجهي ۽ سندس گهٽن خدائن کي مڃڻ واري طبيعت ۽ ذهني لاڙن کيس اُن مذهب جي عبادتن ۾ شامل ٿيڻ تي آماده ڪيو جنهن کي هو پنهنجي اندر مان ڏاريندو هو. لبينيَس پنهنجي دوست جي منافقت واري رويي جي مذمت ڪرڻ جي بجاءِ تعريف

ڪئي آهي. "جيئن ته ديوتائن جي مجسمن کي،" تقرير جو ماهر چوي ٿو، " جن کي گند ۽ ڏوڙ سان بيعزتو ڪيو ويو هو، پر وري اُنهن کي شاندار طريقي سان مندرن ۾ سجايو ويو آهي، انڪري سچ جو حسن، جڏهن سندس تعليم جي غلطين ۽ ڪوتاهين کان پاڪ ٿيو ته پوءِ اُهو جولين جي ذهن تي راڄ ڪري رهيو هو. سندس جذبا تبديل ٿي ويا، پر جيئن ته سندس جذبن کي ڪُليو ڪلايو ظاهر ڪرڻ هن جي لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿئي ها، ته سندس ظاهري روَيو ساڳيو رهيو. اِيساپ جي گڏهِ کان مختلف نموني سان جنهن پاڻ کي شينهن جي ڪَلَ اندر لڪايو هو، پر اسانجي شينهن مجبور ٿي پاڻ کي گڏهِ جي کل ۾ لڪائي ڇڏيو هو ڇاڪاڻ ته ظاهري طرح ڪيس دليلن جي آواز کي ٻُڌڻو هو ۽ ضرورت جي قانون ۽ دوراندیشي واري واتَ ڪيس ونڊي هئي."[29] جولين جي مذهبي ٻهرو پيائيءَ جو عمل ڏهن سالن تائين جاري رهيو: يعني اِنيسَس وارن شروعاتي مرحلن کانوڌي خانہ جنگيءَ جي شروعات تائين جڏهن هن اوچتو ئي اوچتو پاڻ کي حضرت عيسيٰ (ع-س) ۽ ڪانسٽنٽيَس جو پڪو ۽ اَڻ مِٽ دشمن ظاهر ڪري ڇڏيو. پاڻ تي هيترو وقت ضابطي رکڻ جي ڪيفيت سندس جذبن جي پختگي کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندي ۽ جڏهن به ڪيس مجبور ٿي ڪن متدس موقعن تي عيسائين جي ميڙن ۾ شريڪ ٿيڻو پوندو هو ته جولين هڪ عاشق جي بيتابي ۽ بيصبريءَ جيان واپس ٿيندو هو ۽ پنهنجي اندر جي ڪاوڙ ۽ اوبر کي، جوپيٽر ۽ مرڪري ديوتائن جي مندرن تي پهچي، ٻاهر به ڪڍندو هو ته ڏڏو به ڪندو هو. پر جيئن ته هي بهروپيائي يا منافقت ڪنهن به ذهين ۽ ضمير رکندڙ شخص لاءِ تڪليف ڏيندڙ هوندي آهي، ته عيسائيت، جولين جي نفرت کي ان مذهب خلاف وڌيڪ اُپاريو جنهن سندس دماغي آزاديءَ کي اذيت ٿي پهچائي ۽ ڪيس مجبور ٿي ڪيو ته هو اهڙو روَيو اختيار ڪري جيڪو، هر طرح سان انساني فطرت جي باوقار ڪردار، خلوص ۽ جرئت جي تقاضائن جي بلڪل برعڪس هو.

جولين جو ذاتي رجحان ۽ پسنديدگي هومر ۽ اسڪيپيو جي ديوتائن ڏانهن هئي ۽ نہ اُن نئين مذهب ڏانهن جيڪو سندس چاچي روم جي شهنشاهت اندر رائج ڪري ڇڏيو هو، جنهن ۾ هو خود به پاڪ غسل ذريعي عيسائي رسمون اختيار ڪري چڪو هو. پر جيئن ته هو هڪ فيلسوف هو ته اهو هن لاءِ بيحد ضروري هو ته جيڪڏهن عيسائيت خلاف هن جي اندر ۾ ڪي شڪ ۽ گمان يا اختلاف هيا ته اُهي دليلن سان ثابت ڪرڻا هيا جن ڪي ڪيترن ئي مذهب جي نوَن داخل ٿيندڙن، پيشنگوين جي سلسلن، معجزن جي ڪارنامن ۽ بيشمار شاهدين جي حمايت حاصل هئي. هڪ تفصيلي تخليقي ڪر جو سلسلو[30] جيڪو هن فارس جي جنگ جي تيارين دوران تيار ڪيو هو ان ۾ اُهي سڀ دليل شامل هيا جيڪي سندس دماغ ۾ گهٽي وقت کان وڌي موجود هيا. اُنهي تخليقي ڪر جي ڪجهہ حصن کي سندس مخالف، اليگزنڈريا جي سائرل نقل ڪري ۽ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي،[31] جن ۾ ڪمال جي ذهانت، مزاح، علم، فلسفو ۽ جوش ۽ جذبا سمايل آهن. ان جي پيشڪش جو طريقو نهايت ئي شاندار آهي ۽ مصنف جو مرتبو، جيئن سندس لکڻين مان ظاهر ٿئي ٿو ته هن خاص طرح ماڻهن جي توجہ ڇڪرائڻ لاءِ تحرير ڪيو هو،[32] ۽ عيسائيت جي ناپاڪ دشمنن جي لسٽ ۾، پورفري جهڙي نامياري ليکڪ جي نالي کي به جولين جي شاندار ذهانت ۽ اهليت بلڪل ميساري ۽ ڏاهي ڇڏيو آهي. جيڪي عقيدتمند هيا اُنهن جي دماغن کي يا ته لالچايو ويو هو، خراب ڪيو ويو هو يا وري ڊيڄاريو ويو هيو، ۽ جيڪي لادين هيا، اُهي ڪڏهن ڪڏهن ان غير برابريءَ واري مقابلي ۾ ڪُڏي ڪاهي پوندا هيا پر

اُنهن پنهنجي شاهي پرچارڪ جي زبردست تخليقي ڪر منجهان ڪيترائي دوڪي وارا اعتراض گڏ ڪري ورتا هيا. پر هتن ديني معلومات جي ڏکين ۽ محنت طلب معاملن ۾، روم جي ماٿهن جي شهنشاهه، بحث مباحثي ۾ تنگ نظري ۽ جذباتيت وارو روَيو اختيار ڪري ڇڏيو هو. هن پنهنجي لاءِ ته لازمي فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته هو پنهنجي مذهبي پرچار کي ڪنهن به روڪ يا رنڊڪ کانسواءِ جاري رکندو ۽ اهڙيءَ طرح هن هڪ طرف ته خاموشيءَ سان مخالفت ۽ تضاد جي هلچل کي ڇڻ همٿايو ۽ داد ٿي ڏنو پر ٻي طرف پنهنجن مخالفن جي خلوص تي شڪ ڪندي ۽ اُنهن جي سوچن ۽ ويچارن کان ٻُڇان ڪندي اُنهن جي جذبن کي لتاڙيندو رهيو ته متان اُهي دليلن ۽ تقرير جي مهارت جي زور ۾، هڻَ ۽ غرور مان مخالفت ڪن.

عيسائي، جيڪي جولين جي مذهب مٽائڻ تي ڪيس سخت ڪاوڙ ۽ خوف منجهان ڏسي رهيا هيا، دليلن يا منطق جي مقابلي ۾ سندس طاقت کان وڌيڪ خوفزده هيا. لادين، جيڪي سندس گرمجوشيءَ وارن جذبن کان چڱيءَ طرح واقف هيا، وڏي بيصبريءَ مان اها توقع ڪري رهيا هيا ته ديوتائن جي ڪٽر دشمنن جي خلاف اذيتن جي شعلن کي ٻيهر ٻاريو ويندو ۽ جولين جي ذهين ڪدورت، موت ۽ اذيتن جا اهڙا ته جديد ۽ وحشتناڪ طريقا ايجاد ڪندي جيڪي سندس ابن ڏاڏن جي غير تجربيڪاريءَ سبب ڪين اڳ معلوم نه هيا، پر مختلف مذهبي فرقن جون اُميدون توڙي سندن خوف خطرا، شهنشاهه جي دوراندیشيءَ سبب[33] اجايا ۽ ناڪام ٻڌجي ويا ڇو ته ڪيس پنهنجي شهرت جو وڌيڪ خيال هو. انڪانسواءِ ڪيس ماٿهن جي لاءِ اَمن امان جو فڪر ۽ سڀ ڪان وڌي ڳالهه ته ڪيس انسانيت جي تقدس ۽ حتن جو گهٽي ڪان گهٽو اونو هو. تاريخ ۽ تجربي جولين کي اهو سيکاريو هو ته جسر جون بيمارين ته صحت جي زوردار حفاظت سان ختر ٿي ويندين آهن پر دماغ تي جيڪي نقش پڪا ٿي وڃن تا اُنهن کي رُڪ يا باهه جي تئو سان به پگهاري ۽ مٽائي نٿو سگهجي. اُهو ماٿهو جيڪو راضي ۽ آماده نه هجي انکي زوريءَ ڳهلي قربانگاهه تائين آڻي ته سگهجي ٿو مگر سندس دل اُنهن هٿن جي زبردستيءَ جي ڪارروائي کي سدائين نندينديءَ نفرت ڪندي رهندي جن سندس دل جي خواهش جي ابتڙ اهو ڪر ڪيو هو. ظلر ۽ زبردستي، مذهبي هٺ ۽ هوڏ کي هيڪاري مڃرائي، چيڙائي ۽ مضبوط ڪري ڇڏي ٿي ۽ جيئن ئي اذيتن جو زور ٽٽي ٿو ته ان وقت جن زور آڏو آڻ مڃي هئي، سي پڇتائيندڙن ۾ شامل ٿي وڃن تا جڏهن ته ظلر آڏو بهاديريءَ سان مقابلو ڪندڙ، باوقار بهادرن ۽ شهيدن جي صفن ۾ شامل ٿي وڃن تا. جيڪڏهن جولين، ڊائڪليشين ۽ سندس ساٿين واري ظلر جو طريقو اختيار ڪيو هو ته ان ۾ به سندس عقلمندي هئي ته هو پنهنجي نالي ۽ يادَن کي هڪ آمر جي لقب سان داغدار ڪري ۽ ڪٿولڪ ڪليسا جي مانَ ۾ اضافو ڪري جنهن لادين مئجسٽرينٽن جي سختيءَ وارن روَين منجهان پاڻ طاقت حاصل ڪئي هئي. هتن مقصدن کي ذهن ۾ رکندي ۽ پنهنجي غير مستحڪم اقتدار کي خطري ۾ وجهڻ جي خوف کان، جولين هڪ فرمان جاري ڪري سڄي دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو ۽ اُهو حڪم اهڙو به نه هيو جيڪو هڪ دانشور فيلسوف جي مرتبي وٽان نه هجي. هن روم جي سڀني ماٿهن لاءِ هڪ جهڙي ورتاءَ ۽ برداشت جي اصول کي قائم ڪيو جنهن ۾ عيسائين تي فقط هڪڙي سختي ڪئي وئي ته کين پنهنجي ئي رعيت جي ماٿهن تي ظلر وارو ناجائز روَيو رکڻ جي حق کان کين محروم ڪيو ويو جن کي هو بت پرست ۽ فتنو قائم ڪندڙ تفرقي باز سڏيندا هيا. جيڪي لادين هيا، اُنهن سان فراخدليءَ جو مظاهرو ڪندي سندن

مندرن کي کولڻ جي کين اجازت ڏني وئي،[34] ۽ کين هر قسر جي زور ۽ زبردستيءَ جي قانون جي تابعداري کرڻ کان آجو کيو ويو ۽ سڀني تڪليفن ۽ اذيتن کان کين چوڪارو ملي ويو جيڪي هنن ڪانسٽنٽائن ۽ سندس پٽن جي حڪومت جي دوڙ ۾ برداشت ڪيون هيون. ساڳئي وقت پادرين ۽ بين مذهبي ماڻهن، جن کي اڳ ملڪ نيڪالي ڏني وئي هئي، واپس آندو ويو. اُنهن کي پنهنجين پنهنجين ڪليسائن ۾ مقرر ڪيو ويو ۽ ڊونٽسٽن، نوويٽينس، مشسيڊونيٽينس، يونوميٽنس ۽ اُهي خوش نصيب پڻ جن نائيسيا جي ڪائونسل جي فرمان کي مڃيو هو. پنهنجي وطن واپس ورائي وسايو ۽ ورسايو ويو. جولين جنهن سڀ ڪجهه سمجهيو ٿي ۽ سندن مذهبي جهيڙن جهڳڙن تي ڪِليو ٿي، پنهنجي محلات ۾ مختلف مذهبي ليڊرن جي هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي ته جيئن سندس مذهبي مقابلن ۽ بحثن مباحثن جي تماشي سان پاڻ کي وِندرائي سگهي، پر مخالفتن ۽ تضادن جو شور ايترو ته بلند ٿيو جو شهنشاهه وڏي واڪي کين چيو: "مونکي ٻڌو چو ته جرمنس ۽ فرانس وارن توڙي اليماني قبيلي جي ماڻهن به مونکي ٻڌو هو." پر کيس جلد ئي احساس ٿيو ته سندس آڏو بيحد هٿيلا، ضدي ۽ سندس خطرناڪ دشمن هيا ۽ توڙي جو شهنشاهه پنهنجي اثرائتي تقرير ذريعي کين سڀئي ويڇا وساري صلح ۽ امن امان واري ماحول ۾ رهڻ لاءِ زور ڀريو پر کيس مايوسي ٿي، پر ان هوندي به کين واپس روانو ڪندي هو پوريءَ طرح مطمئن هو ته عيسائين جي سندس خلاف ٻڌي يا گڏيل طاقت مان کيس ڪو به خطرو ڪين هو. غيرجاندار اميٽينس هن مصنوعي نرمي يا رحم دليءَ کي شهنشاهه جي هڪ منصوبي سان تعبير ڪيو آهي جنهن ذريعي هو ڪليسا جي اندر ڦوٽ وجهڻ پيو چاهي ۽ سندس هيءَ نفرت لائق چال جنهن سان هو بنهه سڃي عيسائيت جي بنيادن کي به ختم ڪرڻ جو خواهشمند هو. سندس ان جوش ۽ جذبي سان لاڳاپيل آهي جنهن ذريعي جولين شهنشاهت جي قديمي ۽ اوائلي مذهب کي موتائڻ پيو گهري.[35]

جيئن ئي هو تخت تي ويٺو ته هن پنهنجن ابن ڏاڏن جي روايت موجب وڏي پادري جا اختيار ۽ وقار پڻ ماڻيو، جيڪو نه رڳو شهنشاهي عظمت جو وڏو لقب هو پر اُهو رتبو بيحد اهم ۽ وڏي شان مان وارو هو ۽ جنهن جون هن نيڪي ۽ ايمانداري سان پوريون ذميواريون سنڀالي ورتيون هيون. جيئن ته سڃي شهنشاهت جي اهم ذميدارين کيس اها اجازت نٿي ڏني ته هو روزانو پنهنجي رعيت جي ماڻهن سان گڏجي عبادت ڪري، تنهنڪري هن هڪ گهريلو چرچ پنهنجي نگهبان ديوتا سِج کي اربي چڏي هئي ۽ سندس باغ ديوتائن جي مجسمن ۽ قربانگاهن سان پريل هيا ۽ محل جو هر گهر هڪ سڻي ۽ سجايل مندر جو ڏيکُ پسائي رهيو هو. هر صبح جو هو رات جي مالڪ کي قربانيءَ جو نذرانو پيش ڪندو هو، جڏهن سجُ، شفق کان هيٺ لهي ايندو هو ته ان وقت ڪنهن بي قربانيءَ جي رَت سان نذرانو ڏنو ويندو هو ۽ چند، تارن ۽ رات جي جوين کي جولين طرفان وڏو وقار ۽ احترام آڇيو ويندو هو. مقدس ڏِٺن ۽ ڏينهن تي هو باقاعدگيءَ سان ديوتائن ۽ ديوئن جي مندرن ۾ پوڄا خاطر پهچي ويندو هو جنهن لاءِ ڪو خاص ڏينهن مقرر ڪيل هوندو هو جنهن ۾ هو مئجسٽريٽن ۽ عوام جي مذهب جي جوش جذبن جي پنهنجي عقيدي ۽ اڻپنا سان پيٽ ڪندو هو. پنهنجي وڏي ۽ شان شوڪت واري ملڪيت رکڻ جي بجاءِ جيڪا سندس وڏاندري تخت جي ضرورت به هئي، جنهن ۾ سندس محافظن جون سونيون شيلڊون به موجود هيون، جولين عقيدي جي لحاظ سان پاڻ وٽ تمام ننڍا عهدا رکيا ۽ اُهي ڪر پڻ پنهنجي ذمي ڪنيا جيڪي ديوتائن جي عبادت سان لاڳاپيل هيا. هن هي ڪر وڏي خلوص ۽ احترام سان

سرانجام ڪيو. پادرين جي بظاهر مقدس پر شهواني هجوم پر ۽ انڪانسواءِ هيئين رتبي جا وزير، نچڻيون عورتون جيڪي مندر جي خدمت لاءِ مخصوص هيون، ان وچ پر شهنشاهه پاڻ پنهنجي سر ڪانيون ڪٽي اڇي باهه ۾ هاريندو هو، چاقو پاڻ ڪٽي ڪولينڊو هو ۽ جانور کي ذبح ڪندو هو ۽ پنهنجو هٿ، ذبح ٿيل جانور جي رتورت ٿيل آندن پر وجهندو هو. ان جي دل يا جيرو ٻاهر ڪيندو هو ۽ پوءِ پوري اعتماد سان ايندڙ وقت جون ڳالهيون ۽ پيشنگويون ٻڌائيندو هو.* لاديني پر جيڪي زياده عقلمند ۽ ڏاها هيا، اُهي هن رسم کي هڪ اجائي ۽ بنهه وهم پرستي ڪوٺيندا هيا جيڪا هر لحاظ سان صفائي سٿائي ۽ دوراندیشيءَ جي بلڪل خلاف هئي جنهنڪري اهڙي رسم سان هو نفرت ڪندا هيا. هڪ اهڙي شهنشاهه جي حڪومت پر جيڪو ڪنايت شعاري جي اصولن جي سختيءَ سان پابندي ڪندو هو، پر سندس ئي دؤر پر مذهبي عبادتن تي تمام گهٽو پئسو لُٽايو ويندو هو. مختلف ملڪن ۽ آبهوائن منجهان تمام اڻ لڀ ۽ بيحد سهڻا پکي گهرائي انهنکي ديوتائن جي قربانگاهن تي ذبح ڪيو ويندو هو ۽ ساڳئي ڏينهن تي جولين طرفان گهٽ پر گهٽ هڪ سؤ ڏاندن کي قرباني ۽ خاطر ذبح ڪيو ويندو هو. ۽ ان دؤر پر اهو چرچو عام تي چڪو هو ته جڏهن شهنشاهه فارس جي جنگ تان هڪ فاتح جي حيثيت پر واپس ورندو ته سِگَن وارن ڏاندن جو نسل صفا ختر تي چڪو هوندو. پر هي سڀ فضول خرچيون ۽ ان وقت ننڍيون نظر ايندڙيون جڏهن سندن پيٽ اُنهن بيشمار تحفن ۽ سوڪڙين پاڪڙين سان ڪٿي ويندي جيڪي پوري روم جي شهنشاهت جي مختلف ۽ بيشمار عبادت جي هنڌن ۽ مقدس جڳهن تي يا ته ماٺهن پر هٿو هٿ ورهايون ويندڙيون هيون يا وري شهنشاهه جي حڪر تي ڪين موڪليون ويندڙيون هيون ۽ جيڪا رقم سڄي شهنشاهت جي مختلف اُجڙيل ۽ تباهه ٿيل مندرن جي مرمت يا اُنهن جي زيبائش تي خرچ ڪٿي ويندي هئي تنهن جو ته ڪاڏو ئي نٿو ڪري سگهجي. هي اُهي مندر هيا جيڪي يا ته وقت گذرڻ سان برباد ٿي ويا هيا يا وري عيسائين جي ڪُرلُٽ جو نشانو بڻيا هيا. شهنشاهه طرفان پئسن کي پاٽيءَ وانگر وهائڻ جي مثال جو فائدو وٺندي ۽ موقعي کي غنيمت ڄاڻندي، مختلف شهرن ۽ خاندانن طرفان اُنهن ڏِٺن ۽ ورسين کي ملهائڻ جو مطالبو ڪيو ويو جن کي ماضيءَ پر نظر انداز ڪيو ويو هو. "دنيا جي هر حصي پر"، لبينيَس وڏي عقيدتمنديءَ مان اظهار ٿو ڪري، " مذهب جي خوشنوديءَ جو پرچار ڪيو وڃي ٿو جنهن مان ماٺهو شڪر گذاريءَ مان قربانگاهن تي باهيون ٻارين ٿا، قربانين جو رَت وهائين ٿا، لوبان ڏکائين ٿا جنهن جو دونهون پري کان ئي نظر ايندو آهي ۽ جشن جو هڪ اهڙو ته دلفريب سمو هوندو آهي جنهن پر بيشمار ٻاوا ۽ پيغمبر سواءِ ڪنهن خوف يا خطري جي شريڪ ٿين ٿا. هڪ اهڙو دؤر جنهن پر موسيقيءَ جو سُريلو آواز توڙي عبادت جو سڏ جبلن جي چوٽين تان صاف ٻڌڻ پر ايندو هو ۽ ساڳيو ڏاند ديوتائن جي قرباني پر ٻه ڪر ايندو هو ته ساڳئي وقت پنهنجن عقيدتمندن ۽ مريدن جي لاءِ رات جي مانيءَ جي خوشين کي ماٺڻ جو باعث ٻڌبو هو.[36]

پر جولين جي ذهانت توڙي اختيار ان مذهب کي موڪائڻ پر ڪامياب نه ٿي سگهيا جنهن پر مذهبي قدرن جي ڪابوءِ باس نه هئي ۽ نه وري ان پر اخلاقيات يا ڪليسائي نظر ۽ ضبط موجود هيا، تنهنڪري اهڙو سڪٽو مذهب ترت ئي تباهيءَ طرف هليو ويو جنهن جي ٻيهر تعمير يا بهتريءَ جي هاڻي گنجائش باقي ڪانه رهي هئي. شاهي اعزازن ملڻ ڪانپوءِ وڏي پادريءَ جي اختيارن جو دائرو روم جي سڄي شهنشاهت تائين ڦهلجي چڪو هو. ملڪ جي مختلف صوبن پر جولين، پنهنجا نائب پادري اهڙا رکيا جيڪي اڳ يا ته پادري رهي چڪا هيا يا وري سندن شهرت فيلسوفن واري

هئي ۽ جن تي کيس پورو اعتماد هو تہ متن سؤنپيل ڏميوارين کي پوريءَ طرح نباهيندا ۽ سندس ڳوناٽي زندگيءَ بابت لکپڑھ ۽ خطن کي[37] بہ محفوظ رکندا ڇو تہ سندس ارادن ۽ ذهني کاوشن ۾ اهي ئي ڳالهيون سمايل هيون. هن هدايتون جاري ڪيون تہ هر وڏي شهر ۾، بغير ڪنهن ذات پات يا ڇرَ جي وڏماٿهپائپ جي فرق جي، پادريت جي طريقي کي رائج ڪيو وڃي جنهن ۾ اُنهن ماٿهن جي چونڊ ڪئي وڃي جيکي انسانن توڙي ديوتائن سان پيار ۽ محبت جو رشتو رکندڙ هيا. "جيکڏهن اُنهن مان کو خطاڪار آهي يا ڪنهن بيحياييءَ جي ڏوهہ جو ڏوهاري آهي" هو پنهنجي حڪم ۾ چوي ٿو، "تہ اُنهن جي وڏي پادريءَ ذريعي سخت مذمت ڪئي وڃي يا اُنهن جي رتبي کي گهٽايو وڃي، ۽ جيکڏهن هو پنهنجي مرتبي سان پنهنجي عمل جي ذريعي انصاف ڪن ٿا تہ پوءِ عوام توڙي مئجسٽريٽن طرفان هو پوري عزت ماڻڻ جا حقدار آهن. هو پنهنجن گهرن ۾ جڏهن سادن ڪپڑن سان هجن ٿا تہ سندن عجز ۽ نهٺائي ان مان نظر ٿي اچي ۽ سندن پاڪ جُبن ۽ عبائن جي پهرڻ سان سندن شان ۽ مرتبي جي جهلڪ نظر اچي ٿي. جڏهن ڪين قربانگاهن آڏو ڏيوتي ڪرڻ لاءِ سڏيو وڃي تہ اُنهن کي مندرن ڪان تيستائين غائب ٿيڻ نہ گهرجي جيستائين هو مقرر ڪيل ڏينهن تائين پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري نہ وٺن ۽ ان دوران عبادتن ۽ قربانين ڪان هڪڙو ڏينهن بہ ضايع نہ ٿيڻ گهرجي ڇو تہ ملڪ جي پلائي ۽ فردن جي بهتريءَ لاءِ ڪين عبادتون بہ لازمي طور ڪرٽيون آهن تہ قربانيون بہ آڇٽيون آهن. ۽ نيڪيءَ جي اهڙن ڪمن جي بجا آوريءَ ۾ ذهن ۽ جسر جي پاڪيزگي بہ بيحد ضروري آهي توڙي جو ضرورت پوڻ تي مندر جي خدمتن کان آجو ڪري ڪين پنهنجي زندگي جي معمول وارن ڪمن ڏانهن توجہ ڏيڻو پئجي وڃي، پوءِ يي ڪين پنهنجي هلت چلت ۾ بين عام شهرين جي پيٽ ۾ وڌيڪ مانائتو ۽ مهذب نظر اچڻو آهي، ديوتائن جي پادريءَ کي ناٽڪي جڳهن يا گُنبن ۾ هرگز نہ هجڻ گهرجي. سندس گفتگو جو انداز صاف ۽ پاڪيزه هئڻ گهرجي، ڪاڏو مناسب ۽ پورو پنو ۽ سندس دوست اهڙا هئڻ گهرجن جن جي شهرت نيڪناميءَ واري هجي ۽ جيکڏهن هو ڪڏهن ڪنهن عوامي ميڙ يا محلات ۾ اوچتو ظاهر ٿئي تہ ائين محسوس ٿئي تہ هو اُنهن ماٿهن جي نمائندگي ڪري ٿو جن اڳ اجايو انصاف يا رحم جو دروازو کڙڪايو هو. سندس مطالعو اهڙو هجي جيکو هنن جي مرتبي ۽ دانائيءَ جو عڪاس هجي. شهواني قصن ڪهاڻين يا چرچن ۽ طنزن واري مواد رکڻ جي اجازت سندس لائبريري ۾ هرگز نہ هئڻ گهرجي، ۽ ان ۾ اهڙا ڪتاب هجن جن ۾ تاريخي ۽ فيلسوفياٽي معلومات هجڻ گهرجي، ۽ تاريخ اهڙي جيکا سچ تي مبني هجي ۽ فلسفو اهڙو جنهن جو بنياد مذهب تي هجي. ايپيڪيورينس ۽ بين دين جي منڪرن جي ناپاڪ خيالن ڪان ڪيس سخت بچڻ ۽ نفرت هئڻ گهرجي،[38] ۽ ڪيس پٽاغورس جي سرشتي کي وڏي محنت ۽ غور سان پڙهڻ گهرجي ۽ ان سان گڏ افلاطون ۽ اسٽائڪن جي تعليم جو بہ ڳوڙهو مطالعو ڪرڻ گهرجي ڇو تہ اُهي سيئي هڪڙي راءِ جا آهن تہ ديوتائن جو وجود برحق آهي ۽ دنيا اُنهن جي ئي دانشمندي ۽ طاقت ذريعي قائم آهي ۽ اُنهن جي چڱائي ۽ نيڪي ئي هِ نعمت ۽ رحمت جو باعث آهي ۽ اُنهن ئي ايندڙ وقت لاءِ انساني روحن واسطي انعام ۽ سزائون بہ اڳواٽ تيار ڪري ڇڏيون آهن." شهنشاهہ جو پادري تمام اثرائتي نمونو سان انسانيت ۽ مهمان نوازيءَ جي فرضن بابت ماٿهن کي ٻڌائي ٿو ۽ پنهنجن ماتحتن کي زوردار طريقي سان اهڙن سڻن گُڻن جي پرچار ڪرڻ جو تاڪيد ڪري ٿو ۽ محتاجن کي حڪومت جي ناٽي مان پوري مدد ڪرڻ جو يقين ڏياري ٿو ۽ هر شهر ۾ اسپتالن کي قائم ڪرڻ جي عزم کي ورجائي

ٿو. جتي غريبن جي علاج ۽ سنڊن پر گهور لهڻ تي بغير ڪنهن ذات پات يا ملڪي تعصب واري فرق ڪرڻ جي اُنهن جي خدمت ڪئي ويندي. جولين ڪليسا جي دانائي ۽ انساني خير خواهي تي ٻڌل قاعدن ۽ اصولن تي دل ئي دل ۾ ريس ڪرڻ لڳو ۽ هو خوشدليءَ سان عيسائين کي ڪنهن داد، آفرين يا فائدن ڏيڻ کان محروم رکڻ واري پنهنجي ارادي جو اظهار بہ ڪري ٿو جيڪي کين خيرات ۽ ٻين سان مهربانين ڪرڻ جي عمل ذريعي حاصل ٿيا هيا.[39] ڇڪن ڪمن ۾ ٻين جي نقش - قدم تي هلڻ واري جذبي شهنشاهہ کي ڪيترن ئي ڪليسائي ادارن قائم ڪرڻ تي آماده ڪيو جن جي اهميت ۽ استعمال سان سنڊس مخالفن کي ڪاميابيون حاصل ٿيون هيون. ۽ جيڪڏهن تعمير جي اهڙين خيالي تجويزن تي عمل ڪيو وڃي ها تہ زبردستيءَ سان اڌوري ۽ نامڪمل نقل ڪرڻ جي رجحان ذريعي لادينن کي تہ شايد ايترو فائدو نہ ٿئي ها البت عيسائيت جو مان ۽ مرتبو اڃا مٿيرو ٿي وڃي ها.[40] جيڪي غير يهودي هيا ۽ پنهنجن وڏڙن جي ريتن رسمن جي پابندي ڪندا ٿي آيا، اُهي خوش ٿيڻ جي بجاءِ ڏارين رسمن جي اختيار ڪرڻ تي حيران هيا ۽ پنهنجي حڪومت جي مختصر دؤر ۾ جولين اڪثر ڪري پنهنجي ڏُر جي ماڻهن جي جوش جذبي جي گهٽتائيءَ جي شڪايت ڪندو رهندو هيو.[41]

جولين جي انساني جذبي، ڪيس جوپيٽر جي دوستن کي پنهنجن ذاتي دوستن ۽ پائرن جيان قرب ڏيڻ لاءِ اُتساهيو. ۽ توڙي جو هن ڪنهن حد تائين عيسائين جي وفاداريءَ جي خوبين کي نظرانداز ڪيو. ان هوندي بہ هن اُنهن غير يهودين جي عظمت واري مستقل مزاجيءَ جي نہ رڳو تعريف ڪئي پر کين انعامن اڪرامن سان بہ نوازيو جن شهنشاهہ جي بدران ديوتائن جي تابعداريءَ کي وڌيڪ اهميت ڏني هئي.[42] جيڪڏهن اُنهن يونان وارن جهڙي علم ادب ۽ مذهب جي پرچار ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو تہ اُهي جولين سان دوستي ڪرڻ جا وڌيڪ حقدار هيا ڇو تہ هو شعر و شاعري ۽ ادب کي بہ پنهنجن ديوتائن جيترو اهم ۽ مقدس سمجهندو هو. هن جيڪو مذهب اختيار ڪيو هو ان ۾ نيڪي ۽ ڇاڻ کي هڪ جيتري اهميت حاصل هئي،[43] ۽ ونس هر وقت شاعرن، تقرير جي ماهرن ۽ فيلسوفن جو ميڙو متل هوندو هو جيڪي شاهي محلات ۾ فورن پهچي ويندا هيا ۽ پادرين طرفان خالي ڪيل عهدا وڃي والارينداهيا جن ڪانسٽنٽيس جي سادگيءَ کي هرڪائي اُهي حاصل ڪيا هيا. ۽ سنڊس جانشين ماڻهن سان اهڙا انساني لاڳاپا قائم ڪيا جيڪي مٽي مائٽي يا ذاتي تعلق کان بالا تر هيا؛ هن اهڙن بزرگن ۽ دانائن جي چونڊ ڪئي جيڪي اڳڪٿين ۽ جادوگري جي ڳجهي سائنس جا ماهر هيا ۽ هر اُهو مڪار جنهن بہ ايندڙ وقت جي علم جي ڇاڻ رکڻ جي دعويٰ ٿي ڪئي تہ انکي عزت ۽ دولت جهڙن تحفن آڇڻ جو يقين ڏياريو ٿي ويو.[44] فيلسوفن منجهان مڪسيمس کي پنهنجي شاهي معتقد جي دوستيءَ سبب تمام نمايان عهدو ملیو جنهن پنهنجي عملن، جذبات ۽ مذهبي لاڙن ذريعي، خانہ جنگي جي ڏکين ۽ اضطرابي گهڙين ۾ پنهنجن خيالن جو پوري اعتماد سان اظهار ڪيو.[45] جيئن ئي جولين قسطنطنيہ جي محل جو قبضو ڪيو تہ هن مڪسيمس کي هڪ زوردار ۽ باوقار دعوت ڏني جيڪو ان وقت لڊيا ۾ ساردس جي هنڌ وٽ ڪرسٽيس سان گڏ رهندو هو جيڪو سنڊس نازڪ فنڪاري ۽ مطالعاتي دنيا جو ساٿي هو. دوراندیش ۽ وهمن ۾ ٻڌل ڪرسٽيس اهڙي سفر ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جنهن ۾، اڳڪٿين جي علم ۽ اصولن مطابق، سخت خطرا ۽ مشڪلاتون شامل هيون، ۽ سنڊس دوست جيڪو وڌيڪ جرئتمند ۽ بيپرواهہ قسم جو ماڻهو هو، تجسس ۽

مختلف سوالن تي سوچيندو رهيو جيستائين هن ديوتائن جي رضامندي حاصل ڪري ورتي جيڪا سندس تورڙي شهنشاهه جي مرضيءَ مطابق هئي. ايشيا جي شهرن ۾ مئڪسيمَس جي مسافريءَ منجهان ائين محسوس ٿي رهيو هو ته فلسفي کي فتح حاصل ٿي هئي ۽ هر طرف کان مئجسٽريٽ سندس استقبال ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڇڻ هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ اڳي ويا ڇو ته کين خبر هئي ته هو سندس حاڪر شهنشاهه جو گهاٽو دوست هيو. ان وقت جولين، سينيٽ آڏو تقدير ڪري رهيو هو جڏهن کيس مئڪسيمَس جي آمد جو اطلاع ڏنو ويو. شهنشاهه پنهنجي تقرير کي اڌ ۾ ختم ڪري پنهنجي دوست جي استقبال ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو ۽ کيس گرمجوشيءَ سان پاڪر پائڻ کانپوءِ، هڏ هڏَ ۾ ڏئي کيس اسيمبليءَ ۾ وٺي ويو جتي هن سيني ماڻهن اڳيان اُنهن فائدن کي مڃيو ۽ اُنهن جو ذڪر ڪيو جيڪي سندس فيلسوف دوست جي هدايتن هيٺ کيس مليا هيا. مئڪسيمَس،[46] جنهن کي ٿوري ئي وقت ۾ جولين جو پورو اعتماد حاصل ٿي چڪو هو ۽ سندس ڪائونسلن تي به هو اثر انداز ٿيڻ لڳو هو. شاهي محلات جي هرڪائيندڙ ماحول ۽ ڪشش باعث آهستي آهستي بگڙندو رهيو. سندس پوشاڪ شاندار ٿي وئي، طبيعت ۽ سندس طور طريقي ۾ مٺيرائي اچي وئي ۽ ايندڙ وقت ۾ کيس هڪ بدنما ٻچا ڳاڇا ۽ تحقيقات مان گذرڻو پيو جنهن ۾ خبر پئي ته افلاطون جي پوئلڳ وٽ، تورڙي ئي عرصي ۾ ڪافي دولت جمع ٿي چڪي هئي. ٻين فيلسوفن ۽ ڏاهَن منجهان، جن کي يا ته جولين دعوت ڏئي پنهنجي محل ۾ رهايو هو يا وري اُهي مئڪسيمَس جي ڪاميابيءَ جو ٻڌي اُتي آيا هيا، ڪيترن ئي پنهنجي اصليت، معصوميت ۽ وقار کي قائم رکيو هو.[47] دولت، زمينن ۽ گهرَن جا بيشمار تحفا به سندن بي انت لالچ ۽ لوپ کي مطمئن نه ڪري سگهيا ۽ عام ماڻهن جي ڪاوڙ ۽ ناراضگي متن انڪري جائز هئي ته کين پنهنجي محتاجي ۽ مفلسي ياد ٿي آئي جنهن هر ڳالهه کان کين بيزار ۽ بي مزي ڪري ڇڏيو هو. جولين جي معامله فهميءَ کي هر وقت دوکي ۾ رکڻ به ممڪن ڪو نه هو پر هو اهڙن ماڻهن جي اخلاق عادتن کان نفرت نٿي ڪري سگهيو جن جي ذهانت کان هو متاثر هيو ۽ اُنهن جي عزت به ڪندو هو: تنهنڪري هن ٻنِي الزام يعني بي عقلي ۽ غير مستقل مزاجيءَ کان بچڻ ٿي چاهيو ته ساڳي وقت ملحدن ۽ دهرين جي تيز نظرن کان به ڍڪل هو ته ڪٿي هو علم ادب ۽ مذهب جي مرتبي کي هيٺ ڪرڻ جو الزام مٿس نه مڙهي ڇڏين.[48]

جولين جون مهربانيون ٻن ڏرين تي هڪ جيترين هيون: هڪڙا لادين هيا جيڪي پنهنجي وڏڙن جي دستوري عبادت جي رسمن سان لاڳاپيل هيا ۽ ٻيا عيسائي هيا جن وڏي عقلمنديءَ سان پنهنجي حاڪر وارو مذهب اختيار ڪري رکيو هيو. مذهب ۾ نوَن داخل ٿيندڙن[49] جي طريقن به سندس اندر جي اُڌمن يعني وهمن وسوسن ۽ اجائي آڪڙ کي مطمئن ڪري ڇڏيو هو ۽ ماڻهن جي واتان وڏي جوش مان کيس ائين چوَندي ٻڌو ويو هو ته جيڪڏهن هو هر ماڻهوءَ کي ميداز کان به وڌيڪ دولتمند ڪري ڇڏي ۽ سندس شهنشاهت جو هر شهر بابل کان به عظمت ۾ وڏو ٿي وڃي، پوءِ ٻي تيستائين هو پاڻ کي انسانذات جو محسن نه سمجهندو جيستائين، ساڳي وقت تي، هو پنهنجي رعيت جي ماڻهن کي ان ناپاڪ بغاوت کان نه هٽائيندو جيڪا هنن لافاني ديوتائن خلاف جاري رکي آهي.[50] هڪ شهزادي جنهن انساني فطرت جو مطالعو ڪيو هو ۽ جنهن وٽ روم جي شهنشاهت جا اَڻ ميا شاهي خزانا موجود هيا، پر هو پنهنجن دليلن واعدن ۽ انعامن کي عيسائين جي هر طبقي مطابق کين آڇيندو هو[51] ۽ مذهب تبديل ڪرڻ جي به هر اُميدار جي ڪُٽن ۽

ايگسٽن موجب کين اجازت هئي ته ساڳي وقت پنهنجن گناهن جو کفارو ادا ڪرڻ لاءِ به هر ماٿهو آزاد هو. جيئن ته فوج کي مڪمل طاقت جو هڪ زوردار سرچشمو سمجهيو ويندو آهي ته جولين به هن سلسلي ۾، وڏي محنت ۽ طريقي سان پنهنجن فوجن جي مذهب کي بگاڙي ڇڏيو هو جو ته سندن مڪمل مرضيءَ ڪانسواءِ هر قدم ۽ هر منصوبو خطرناڪ ۽ ناڪام تصور ڪيو ويندو هو. ۽ فوجن جي فطري طبيعت هن فتح کي اوتروئي آسان بنائي ڇڏيو جيتري ان جي اهميت هئي. گال جي فوجن پنهنجي مذهب تورڙي پنهنجي دولت طرف ڏيان ڏنو ۽ پنهنجي ليڊر طرف به متوجه ٿيا ۽ ڪانسٽنٽيس جي موت کان به اڳ ۾، هن کي اطمينان هو جو ته هن پنهنجن دوستن اڳيان اعلان ڪيو هو ته هن نهايت ئي خلوص ۽ پوري جوش جذبي سان پنهنجي گهر تي بيشمار پيرا قربانيون ڪيون هيون ۽ هڪ ٽلهي متاري ڏاند جي پٺ وڏي قرباني آڇي هيائين.[52] اوپر جي فوجن کي، جن جي سکيا صليب جي جهنڊي هيٺان ٿي هئي ۽ جن جو ليڊر ڪانسٽنٽيس هو، هڪ ڏاهپ واري ۽ مشڪل سان قائل ڪرڻ جي صلاحيت جي ضرورت هئي، مقدس ڏينهن تورڙي ماٿهن جي مذهبي ڏڻ ۽ ورسين جي موقعن تي، شهنشاهه کي فوجين طرفان پُروقار مجتا ڏني ويندي هئي ۽ شهنشاهه وري سندن لياقتن پٽاندر کين انعامن اڪرامن سان نوازيندو هو. سندس ملڪي تخت جي چوڏاري روم ۽ جمهوريه جا نشان ۽ ٻلا لڳل هيا ۽ لٻرندڙ منجهان حضرت عيسيٰ (ع-س) جي پاڪ نالي کي ميساريو ويو هو ۽ جنگ، عظمت ۽ لادينن جي وهمن وسوسن جي نشانن کي ملائي ايتري ته خوبصورتي ۽ فنڪاريءَ سان سنواريو ويو هو جو جڏهن رعيت جا ديندار ماٿهو شهنشاهه جي مجسمي کي سلامي پيش ڪندا هيا ته غلطيءَ منجهان هو بت پرستيءَ جي حدن تائين وڃي پهچندا هيا. فوجي، با ادب بٽجي قطار ڪري لنگهندا هيا ۽ ان کان اڳ جو هر هڪ کي پنهنجي عهدي ۽ رتبي مطابق جولين جي هٿان کو تحفو يا رقم ملي، تقدس منجهان قربانگاهه تي هرندڙ شعلن مٿان لوبان جي داڻن جو نذرانو ڏيندا ويندا هيا. ڪجهه عيسائي پادري، جيڪي هين خطا ڪارن کي سزائن کان معافيون ڏيندا هيا، ڪڏهن هيڪندي، لنوائيندي ۽ پڇتائيندي اهو عمل ڪندا هيا پر اُنهن منجهان ماٿهن جو هڪ وڏو تعداد سونَ جي موجودگيءَ کان هرڪجي به ويندو هو ته ساڳي وقت شهنشاهه جي موجودگيءَ جي ڊپ کان هي ڏوهه جو ڪر به ڪري ويندا هيا ۽ ايندڙ وقت ۾ هنن طرفان ديوتائن جي عبادت کي ڏيوتي ۽ دلچسپيءَ جي فرض طور مٽن لاڳو ڪيو ويو هو. فنڪاريءَ جي اهڙن ڪمن جي ڏهرائجڻ ۽ ڏوکڙن خرچ ڪرڻ سان، اسڪيٽيا جي اڌ جيتري قوم کي خريد ڪري پيو سگهجي، پر جولين في الحال پنهنجن فوجن لاءِ ديوتائن جي تصوراتي حفاظت جو بندوبست ڪري ورتو ۽ پنهنجي لاءِ پٺ روم جي فوجن طرفان مضبوط ۽ اثرائتي پٺيراڻيءَ جي ضمانت وٺي ڇڏي.[53] لادينيت کي واپس آڻڻ ۽ انجي پٺيراڻي ڪرڻ منجهان اها ڳالهه يقيني ٿي لڳي ته بيشمار عيسائي دعويدار جيڪي پنهنجن مفادن ۽ ذاتي فائدن جي لالچ ۾ اڳئين دؤر جي مذهب کي اختيار ڪرڻ لاءِ آماده ٿيا هجن ۽ هاڻي وري پنهنجي ضمير جي ساڳي لچڪ ذريعي جولين ۽ سندس پوئلڳن جي مذهب اختيار ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيا هجن.

هڪ طرف عقيدتمند حاڪر پنهنجن وڏڙن جي مذهب کي واپس آڻڻ ۽ انکي ڦهلائڻ لاءِ پرپور ۽ لڳاتار ڪوششون ٿي ڪيون ته ٻي طرف وري جيروسلم جي مندر جي نئين سر تعمير ڪرڻ لاءِ شاندار منصوبا پٺ جوڙيندو رهيو. روم جي نالي تورڙي يهودين جي برادريءَ کي پنهنجي هڪ خط ۾،[54] جيڪو صوبن جي معرفت اُنهن ڏي موڪليو

ويو هو. شهنشاهه ماٿهن جي تڪليفن تي پنهنجي طرفان ڏک ۽ همدرديءَ جو اظهار ڪري ٿو. عوام کي تڪليف ۾ مبتلا ڪرڻ وارن جي سخت مذمت ڪري ٿو. سندن وفاداري جي تعريف ڪري ٿو. پاڻ کي اُنهن جو محافظ ۽ هڏ ڏوکي ظاهر ڪري ٿو ۽ پنهنجي نيڪ نيتي جو اظهار ڪري ٿو ته فارس جي جنگ کان واپسيءَ کان پوءِ، ڪيس اجازت ڏني وڃي ته هو جيروسلم جي مقدس شهر ۾ پهچي الله تعاليٰ جي حضور ۾ پنهنجي طرفان شڪر گذاريءَ جو فرض بجا آڻي. ملڪ بدڪيل بدقسمت ماٿهن جي مفلسي ۽ سندن انڌي عقيدت کي ڏسي هڪ اهڙي حاڪر کي يقيني طور تي ڪاوڙ ۽ بيچان لڳندي هوندي جيڪو پاڻ هڪ فيلسوف هو ۽ اُنهن جي جولين سان دوستي فقط انڪري ٿي هئي جو هنن کي عيسائيت جي نالي کان به نفرت هئي. يهودين جي برباد ٿيل عبادتگاهه کي، مقابلي ڪندڙ ڪليسا جي خوشگوار حالت تي ڇڙ ۽ رِيس ايندي هئي، ۽ يهودين جي طاقت سندن بعض ۽ ڪيني ڪان گهٽي گهٽ هئي ۽ سندس مقدس ڪتاب هڪ مرتد[55] (دين تبديل ڪندڙ) کي قتل ڪرڻ جي سزا جي منظوري ڏئي ڇڏي هئي، ۽ اُنهن جي دانهن، جن مان بغاوت جي بوءِ ٿي آئي، اڪثر ڪري لادين مُجسّرين جي سستي ۽ ڪاهليءَ کي جهنجهوڙي جهنجهوڙي جاڳايو ٿي. ڪانسٽنٽائن جي حڪومت جي دؤر ۾، يهودي پنهنجي بغاوت ڪندڙ نسل جي رعيت ٿي ويا ۽ اُهو وقت به ويجهو اچي ويو جڏهن ڪين گهريلو جهگڙن ۽ ظلمن جي ڪڙاڻ جو ذائقو چکڻو پئجي ويو. سيورَس جي حڪومت ۾ ماٿهن کي جيڪي شهري رعايتون ڏنيون ويون هيون اُنهن کي اڳتي هلي عيسائي بادشاهن ختم ڪري ڇڏيو هو ۽ هن سلسلي ۾ فلسطين جي يهودين[56] طرفان بغاوت جو عَلم بلند ڪيو ويو جنهن ۾ وري ظلمن جي اوٽ ۾ دولت جي ڏيتي ليتي جو انوکو ڪاروبار جاري رکيو ويو هو ۽ هن نئين طريقي کي ڪانسٽنٽيَس جي محلات جي پادرين ۽ ڪدڙن ايجاد ڪيو هو. يهودين جي سرواڻ، جنهن کي ايا تائين پنهنجي مقرر ٿيل حد جي حاڪميت جي اجازت هئي، جي رهائش گاهه تائبيريَس[57] ۾ هئي ۽ فلسطين جي پسگردائيءَ وارا شهر اُنهن ماٿهن سان پريل هيا جن جي اُميدن ۾ رئي هن شهر سان ذاتي لڳاءُ ۽ دلچسپي هئي، ۾ هٿدرئن جي حڪمن ۽ فتوائن کي نئين سر نافذ ڪيو ويو. ۽ هنن ۾ ري کان هن پاڪ شهر جي ديوارن جو ديدار ٿي ڪيو، جن کي صليب جي چمڪ دمڪ ۽ عيسائين جي جوش جذبي سبب ناپاڪ ۽ غير مذهبي بنايو ويو هو.[58]

هن پٽريلي ۽ غيرآباد ملڪ جي وچ ۾، جيروسلم[59] جي ديوارن جي دائرن ۾ هڪ جبل سِيون ۽ آڪرا هيا جيڪي بيضوي شڪل جهڙن ٽن انگريزي ميلن جي حدن اندر هيا.[60] ڏکڻ طرف مٿاهون شهر ۽ سيون جي چوٽيءَ تي حضرت داؤد (ع - س) جو قلعو تعمير ڪيل هو: ۽ اتر طرف هيٺيئن شهر جون جايون جڳهون هيون جيڪي آڪرا جبل جي ڪشادگيءَ سان وکوڙيل هيون ۽ جبل جو هڪ ٽڪرو موريا جي نالي سان مشهور هيو جنهن جي ارد گرد انساني صنعت گري نظر ٿي آئي جتي يهودين جي فوجن جي هٿان مندر جي مڪمل تباهيءَ کانپوءِ، مقدس زمين تي هڙ جي جڳهه ناهي وئي هئي جنهن جو مطلب هڪ مستقل منع نامي جو هو. سيون کي ماٿهو چڏي ويا ۽ هيٺيئن شهر جي خالي ٿيل حصي ۾ حڪومت جون تورِي خانگي جايون جڳهون تعمير ڪيون ويون جن کي بعد ۾ ايلين ڪالوني جي نالي سان سڏيو ويو ۽ هيءَ ڪالوني ڪٽلوَري جي ٽڪريءَ تائين پکڙجي وئي. هي پاڪ جڳهون بت پرستيءَ جي منارن ذريعي ناپاڪ ٿي ويون هيون ۽ حادثاتي طور يا جاڻي واڻي هڪ ڪليسا کي زهره ديوتا کي ارپيو ويو هو ۽ هيءَ اُها

جڳهه هئي جيڪا حضرت عيسيٰ (ع - س) جي موت ۽ ٻيهر زنده واپسيءَ سبب مقدس ٿي چڪي هئي.[61] هنن نمايان واقعن کان ٿي سؤ سال پوءِ، زهره جي ناپاڪ ڪليسا کي ڪانسٽنٽائن جي حڪر هيٺ ڊاهيو ويو ۽ زمين تورڙي پٽرن جي نمونن مان ايئن ٿي لڳو ته اُتي انسانذات جون قبرون هونديون. اُتي ئي هڪ عاليشان ڪليسا پڻ تعمير ڪئي وئي هئي جنهن کي پهرئين عيسائي شهنشاهه نهرايو هو ۽ سندس نيڪيءَ جي ڪارنامن کي هر ان جڳهه تائين پهچايو ويو هو جيڪي جڳهون وڏن سرواٽن، پيغمبرن ۽ الله جي خاص پيغمبر حضرت عيسيٰ (ع - س) جي پاڪ قدمن ذريعي مقدس ٿي چڪيون هيون.[62]

اصلي ۽ پراٽن يادگارن کي ساڳي شڪل ۾ موتائڻ جي جذباتي خواهش، دنيا جي بيشمار زيارتين ۽ سياحن کي چڪي جيروسلم جي شهر ۾ آندو: ائٽلانٽڪ جي ڪنارن کان به ماٺهو اُتي پهتا ته مشرق جي تمام ڏُورانهَن ملڪن کان[63] پڻ زيارت جا خواهشمند هن شهر ۾ ڪهي ٿي آيا ۽ سندن نيڪي ۽ تقدس جي تصديق راڻي هيلينا* جي قائم ڪيل مثال منجهان ملي ٿي جنهن پنهنجي عمر جي سادگيءَ کي پنهنجي مذهب جي تازي تبديليءَ جي گرمجوشيءَ جي احساسن سان هر آهنگ ڪري ڇڏيو هو. درويشن، سورهيه سپوتن تورڙي ٻين جن جن به قديم ڏاهپ ۽ عظمت جي منارن ۽ يادگارن کي ڏٺو هو ته اُنهن سڀني هن جڳهه جي نمايان هئڻ جي تعريف ڪئي آهي[64] ۽ هر عيسائي جيڪو به هنن تربتن ۽ مزارن آڏو جُهڪيو آهي ته ان پنهنجي عقيدي ۽ روحاني لڳاءَ کي ريءِ روح کان اتساهه ونندڙ ڇاتو. جيروسلم جي مذهبي ماٺهن جي جوش جذبي يا شايد ڪدورت کي سياحن جي اچڻ وڃڻ ڪري فائدو رسندو رهيو. هر يادگار واقعي ۽ نظاري جو پورو تعين ڪيو ويو. هنن اهڙن اوزارن جي به نمائش ڪئي جيڪي حضرت عيسيٰ (ع - س) جي اذيتن دوران استعمال ڪيا ويا هيا. ڪوڪا، ڪليون ۽ نيزا جيڪي سندس هٿن پيرن ۽ پاسرين ۾ ٽوڪيا ويا هيا ۽ ڪنڊن جو تاج جيڪو سندس سِر تي رکيو ويو هو ۽ اُهو ٽنيو جنهن سان هڏي ڪيس ڏنڪا هنيا ويا هيا ۽ ان ڪانسواءِ اُها صليب به ڏيڪاري وئي جنهن تي ڪيس عذاب ڏئي ڇاڙهيو ويو هو. اها صليب انهن شهنشاهن جي حڪومت جي دوَر ۾ زمين کوٽي ڌاهي وئي هئي جن روم جي فوجين جي بينرن ۽ جهنڊن ۾ عيسائيت جا نشان لڳائي ڇڏيا هيا.[65] اهڙن معجزاتي واقعن، جن جي حفاظت ڪرڻ کي ضروري سمجهيو ويو هيو يا جن ذريعي ٻين اهم ڳالهين جو به انڪشاف ٿي سگهيو ٿي، جي مشهوري بغير ڪنهن رڪاوٽ جي ڪئي وئي، جيڪا اصلي صليب هئي، ۽ جنهن جي نمائش هر ايسٽر آچر تي وڏي احترام ۽ تقدس مان ڪئي ويندي هئي، انکي جيروسلم جي پادريءَ جي حوالي ڪيو ويو ته اُهو انجي حفاظت ڪري ته ساڳي وقت ايندڙ ويندڙ زيارتين کي انجو ديدار ڪرائي ۽ پاڻ کي به مطمئن ڪري: ان صليب جا ننڍا ننڍا ٽڪرا، جن کي سون يا هيرن ۾ جَڙايو ويو هو، زيارتين کي تحفي طور آڇيا ويندا هيا، جن کي هو وڏي خوشي ۽ فخر مان پنهنجن پنهنجن ملڪن ڈانهن ڪٽي ويندا هيا. پر جيئن ته ان ڳالهه جو امڪان هو ته هي فائدي وارو سرشتو اڳتي هلي صفا برباد ٿي ويندو ته اهو وڌيڪ مناسب سمجهيو ويو ته خاص ڪاٺ ۾ ٻيهر ڳوٺهڑي يا ساوڪ ڪرڻ جي ڳجهي صلاحيت رکيل آهي ۽ انجو ڳُڙ يا جزا تورڙي جو گهڻبا رهن ٿا پر پوءِ پي ڪاٺ پوري جو پورو ۽ غير تبديل ٽيندڙ رهي ٿو.[66] شايد ان وقت اها توقع رکي وئي هيئي ته هن جڳهه جو اثر ۽ دائمي معجزي جو عقيدو - ٻئي گڏجي شايد ماٺهن جي اخلاق عادتن ۽ سندن عقيدن تي هڪ سٺو ۽ صحتمند اثر ڇڏيندا. ان جي باوجود ڪيترن ئي معزز

ڪليسائي ليڪجن مجبور ٿي اها ڳالهه تسليم ڪئي آهي ته نه رڳو جيروسلم جون گهٽيون ۽ گليون ڏنڊي ڏاڙي وارن ۽ خوشيون ملهائيندڙ ماڻهن[67] سان پريل هونديون هيون پر هر قسم جي برائي ۽ بدڪاري جهڙوڪ زنا، چوريون، بت پرستي، زهر ڏيڻ ۽ قتل وغيره هن مقدس شهر جي ماڻهن جو روزانو جو معمول بڻجي چڪا هيا.[68] جيروسلم جي ڪليسا جي دولت ۽ شهرت، آرين جي اُميدن کي گرمائي چڏيو ته ساڳي وقت مذهبي اُميدوارن ۾ پڻ هلچل پيدا ڪري چڏي، ۽ سائرل جي عظمت کي، جنهن کي سندس موت جي وقت کان وٺي هڪ درويش يا بزرگ جو رتبو ڏنو ويو آهي بشپ وارو مان، حقيقت ۾ ته نه پر نمائشي يا رسمي طريقي سان ڏنو ويو.[69]

جولين جي سکٽي پر اُميد رکندڙ ذهن ۾ اها ڳالهه يقيني طور موجود هئي ته هڪ نه هڪ ڏينهن هو جيروسلم جي قديمي شان شوڪت کي ضرور واپس ڪندو.[70] جيئن ته عيسائين کي پورو يقين ڏياريو ويو هيو ته حضرت موسيٰ (ع - س) جي پوري قانوني سرشتي خلاف دائمي خاتمي ۽ تباهيءَ جو فيصلو صادر ٿي چڪو هو ۽ هن شاهي دانشور پنهنجي ڪم جي ڪاميابيءَ کي هڪ شاندار دليل ۽ تبديل ڪرڻ ٿي چاهيو ته اڳڪٿيون توڙي پيغمبري الهام[71] جي ڪابه حقيقت ڪانه هئي. هو يهودين جي عبادتگاهن ۽ روحاني عبادتن کان سخت ناراض هو، پر ان هوندي به جيڪي ادارا حضرت موسيٰ (ع - س) سان لاڳاپيل هيا ۽ جن مصر[72] جي ڌرتيءَ ۽ ورسين کي اختيار ڪرڻ کان بچاءَ نه ڪئي هئي، اُنهن جي بحاليءَ جي منظوري ڏئي چڏيائين. يهودين جي گهريلو توڙي قومي ديوتا کي گهٽن خدائن کي مجيندڙن طرفان پوڄيو ويندو هو جن جي فقط اها خواهش هئي ته ديوتائن جي تعداد کي وڌائجي[73] ۽ جولين جي زبردست خواهش هئي ته کا وڏي خوني قرباني ڪجي ۽ سندس دل اندر اها ڳالهه به سمايل هئي ته مبادا حضرت سليمان (ع - س) جي نيڪي واري طبيعت، سندس طرفان ڪيل قربانيءَ سان برابري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري جنهن اڳ ۾ ئي هڪ تقدس ۽ ارپنا جي دعوت ۾ ٻاويهه هزار ڏاندن ۽ هڪ لک ويهه هزار رڍن جي قرباني ڪئي هئي.[74] هن قسم جي خيالن سندس پروگرامن ۽ تجويزن کي متاثر ڪيو ٿي پر هن سوچيو ته فارس جي جنگ جي غير يقيني ۽ ڏورانهين پنڌ جي واقعي سبب تڪڙا ۽ اهم فائدا جيڪي ڪيس ملڻا هيا، اُهي هرگز متاثر نه ٿيندا. تنهنڪري هن فيصلو ڪيو ته موريا جي مشهور ۽ معروف جڳهه تي هڪ شاندار مندر فورن تعمير ڪرايو ويندو جنهن ۾ ڪابه دير برداشت نه ڪئي ويندي ۽ هي مندر ايترو ته عاليشان هوندو جو اُهو ڪئلوَري جي ٽڪريءَ تي تعمير ٿيل "مسيحا جي واپسي جي ڪليسا،" جي عظمت کي به مات ڏئي ويندو ۽ اُنهيءَ مندر ۾ ٻاوَن جو هڪ سرشتو يا نظام هوندو جن جو جڏبو فنڪاريءَ جي سهڻن نمونن جي تلاش ڪندو ۽ اهو احتياط به ڪندو ته جيئن سندن عيسائي مخالف ساٿن برابري نه ڪري سگهن ۽ جتي بيشمار يهودين جي ڪالونين جي آبادي‌ءَ کي يقيني بنايو ويجي جن جو سخت ۽ تيز تر مذهبي جنون لادين حڪومت جي ملڪ دشمن منصوبن کي ناڪام ۽ خاڪ ۾ ملائي چڏيندو. شهنشاهه جي دوستن ۾ (جيڪڏهن شهنشاهه ۽ سندس دوستن جا نالا هڪ ٻئي جي تضاد ۾ ناهن) پهريون نمبر جولين پاڻ اليپيس[75] کي ڏنو هو جيڪو هڪ نيڪ شخص هو. اليپيس جون انساني وصفون اهڙيون هيون جن ۾ انصاف، برابري ۽ برداشت جون قوتون موجود هيون ۽ جڏهن هن برطانيه جي شهري انتظام جون واڳون سنڀاليون هيون ته هن سافو جي غزلن ۽ نظمن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جڳهه ڏني هئي جن جو تعلق ميناڇ، نرمي ۽ يڪجهتي سان هيو. پنهنجي هن وزير سان جولين

هر معاملي تي آزاديءَ سان گفتگو ڪري سگهندو هو جن ۾ لاپرواهيءَ جا پوڳ چڙچا به شامل هوندا هيا ته مدبرانا مشورا ۽ صلاحون به اهڙي ڪچهريءَ جو حصو هوندیون هيون: ۽ ڪيس ٿي هڪ اهر ڪر سؤنپيو ويو ته جيروسلم جي مندر جي قديمي شان شوڪت ۽ اصلي سونهن ڪي واپس ورائجي. اليپيس جي خلوص ۽ محنتن جو نتيجو اهو نڪتو جو هن ڪر ڪي خوش اصلوبيءَ سان سرانجام ڪرڻ لاءِ ڪيس فلسطين جي گورنر جي زبردست حمايت حاصل ٿي وئي. پنهنجي نجات ڏيندڙ جي سڏَ تي، سڄي شهنشاهت جي سيني صوبن مان يهودي پنهنجن وڏڙن جي پاڪ جبل تي وڏي تعداد ۾ ڪٺا ٿيا ۽ سندن گستاخي ۽ بي ادبي واري روَيي، جيروسلر جي عيسائين ڪي سخت ناراض ڪري ڇڏيو. اسرائيل جي پُٽن جي هر دوَر ۾ اها خواهش هر وقت پئي رهي آهي ته مندر ڪي هر پيري نئين سر تعمير ڪرايو وڃي. هن خوشگوار گهڙيءَ ۾ مردن پنهنجون ڪدورتون ۽ عورتن پنهنجي نازڪ مزاجي وساري ڇڏي، امير ماٹهن طرفان چانديءَ جون ٿهيل ڪوڏورن، بيلچا ۽ ڪهاڑيون کين ٿهرائي ڏنيون ويون ته جيئن ڪر ۾ لڳي وڃن، گند ۽ ڪچرو سلڪ ۽ ريشم جي ڄُبن ۾ ڊوئيو ويو. هر ماٹهوءَ پنهنجي وِت ۽ وَس آهر هن نيڪ ڪر ۾ ڪجهه پئسا ضرور ڏنا ۽ هر هٿ هن ڪر ۾ رڌل رهيو ۽ شهنشاهه جي حڪر جي تعميل ۾ سيني ماٹهن گڏجي وڏي جوش ۽ جذبي سان ڪر ڪي تڪميل تي پهچايو.[76]

هيترين سارين ڪوششن جي باوجود، طاقت ۽ جذبن جون گڏيل ڪوششون به ڪامياب نه ٿيون ۽ يهودين جي مندر جي زمين، جتي اڃڪلهه مسلمانن جي مسجد ٿهيل آهي،[77] ايا تائين به تباهي ۽ بربادیءَ جي يادگار آهي. شايد شهنشاهه جي موت ۽ سندس غير حاضري ۽ عيسائي حڪومت جي نوَن اصولن نافذ ٿيڻ سبب، هيڏي ساري ڪر ۾ پيل خلل ڪي سمجهي سگهجي ٿو جيڪو جولين جي زندگي جي فقط آخري ڇهَن مهينن اندر ڪيو ويو هو.[78] پر عيسائين ڪي هڪ فطري ۽ پارسائيءَ واري اُميد هئي ته ضرور ڪو معجزو ٿيندو جيڪو مذهب جي آبرو ۽ عزت جي حفاظت ڪندو. خبر تڏهن پئي جو اوچتوئي اوچتو هڪ زلزلو ۽ طوفان آيو جنهن ۾ خطرناڪ طريقي سان زمين ڦاٽ ڪاڏو جنهن سبب نئين مندر جا بنياد ٿي اُکڙي ويا ۽ هر شئي برباد ٿي وئي، هن سلسلي ۾ ان دوَر جي ڪيترين ٿي معتبر شاهدين ذريعي هن زلزلي جي تصديق ٿي آهي.[79] هن واقعي ڪي ميلان جي بشپ ائمبروز[80]، شهنشاهه ٿيوڊوسيس ڏي لکيل پنهنجي خط ۾ بيان ڪيو آهي، جنهن سبب يهودين طرفان ۽ خاص طرح تقرير جي ماهر ڪرسوسٽم[81] پاران لعنت ملامت به ڪئي وئي جيڪا هن ائٽنڪ جي ماٹهن جي هڪ وڏي ميڙ ۾ هڪ تقرير ۾ ڪئي، ان ڪانسواءِ گريگري نازيانزين[82] به ان موقعي يا معجزي کي، ساڳي سال جي ختر ٿيڻ کان اڳ پنهنجي ڪتاب ۾ بيان ڪيو آهي. آخري بيان ڪيل ليکڪ وڏي جرئتمنديءَ سان لکيو آهي ته هن غير فطري ۽ انوکي واقعي کان لاڏين سميت ڪنهن به انڪار نه ڪيو آهي ۽ سندس دليل، جيڪي ممڪن آهي ته عجيب وغريب به لڳن، پر اُنهن جي تصديق هڪ معتبر اميئينس مارسيلينس پڻ ڪئي آهي.[83] هن فيلسوف سپاهي جنهن کي چگن ڪمن ۽ نيڪين سان پيار هو، پنهنجي لکيل صاف ۽ واضح تاريخ ۾ جنهن جو تعلق به اُن دوَر سان هو، اهو واقعو بيان ڪيو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ هن اُهي مشڪلون ۽ رڪاوٽون پڻ بيان ڪيون آهن جيڪي جيروسلر جي مندر جي نئين سر تعمير ڪرڻ ۾ پيش آيون هيون.

هو لکي ٿو: " هڪ طرف ايپيئس، جنهن کي صوبي جي گورنر جي مدد ۽ تعاون حاصل هو، وڏي محنت ۽ جوش سان ڪر جي تڪميل ڏيڻ جون ڪوششون ڪيون ٿو ٻي طرف خطرناڪ باهه جا شعلا ۽ اُلا پڙڪي اٿيا جن مندر جي بنيادن توڙي اوسي پاسي جي جاين جڳهن کي اُکوڙي ۽ برباد ڪري ڇڏيو ۽ جيڪي ڪر ڪندڙ هيا اُهي شعلن جي تپش کان بيحال ٿي پيا ۽ جن اڳ فتح جا جشن ٿي ملهايا اُهي پڻ ناڪارا ۽ نااُميد ٿي پيا چو ٿه اُهي پڻ مندر واري جاءِ کان پري پڇي ويا ۽ اهڙيءَ طرح اهو سمورو ڪر ڏانوان ڏول ٿي ويو." اعتماد سان لکيل اهڙي تحرير اُنهن ماڻهن کي ٿه مطمئن ڪندي جيڪي يقين رکن تا ۽ جن جو اعتماد ۽ يقين ڪمزور آهي ٿه اُنهن کي به حيران پريشان ضرور ڪندي. ان هوندي به جيڪو فيلسوف هوندو ٿه اُهو اصلي شاهدين ۽ غيرجانبدار ۽ ذهين عيني شاهدن جو مطالبو ضرور ڪندو. اهڙي اهر ۽ انوکي واقعي تي ڪو به فطري حادثو جڏهن ظاهر ٿي ماڻهن کي نظر ٿو اچي ٿه اُهو هڪ غير معمولي شڪل اختيار ڪري ٿو وڃي. هيءَ شاندار تحرير اڄتي هلي شايد وڌيڪ واضح ۽ تڪميل ڏيل نظر اچي چو ٿه انکي جيروسلم جا مذهبي ماڻهو به وڌيڪ سنواريندا ۽ عيسائي دنيا جي سادگي به ويساهه ڪندي، ۽ اندازي موجب ويهن سالن کانپوءِ، روم جو ڪو تاريخدان، مذهبي جهيڙن جهڳڙن ۽ اختلافن کان بي نياز ٿي، هن شاندار معجزي کي وڌيڪ سينگاريندو ۽ سنواريندو.[84]

يهودين جي مندر جي تعمير مخفي طرح سان عيسائين جي ڪليسا جي بربادي سان لاڳاپيل هئي. جولين ايا تائين مذهبي عبادتن جي آزاديءَ کي قائم رکيون ٿي آيو جنهن ۾ اهو فرق ڪرڻ ڏکيو ٿي لڳو ٿه سندس طرفان عالمي سهپ وارو جذبو سندس انصاف جي تقاضائن موجب هيو يا سندس رحم دليءَ جو نتيجو هو. هن عيسائين سان همدردي ڪرڻ جو ڏوڻنگ ڪيو جيڪي پنهنجين زندگين جي اهر مقصدن بابت غلط فهميءَ جو شڪار هيا. پر سندس رحم ۽ نفرت لڪل هئي ۽ سندس نفرت ۽ ڏڪار ۽ بچان جو زهر پريل هيو ۽ جولين جي جذبن ۾ پڻ طنز وارو لهجو شامل هيو جيڪو جڏهن حاڪم شهنشاهه جي واتان اوڳا چيو هو ٿه اُهو هر ٻڌندڙ کي هڪ گهرو ۽ موتمار گهاءُ رسائيندو هو. جيئن ٿه هو ڪافي عقلمند هو ۽ ڪيس خبر هئي ٿه عيسائي پنهنجي نجات ڏيندڙ کي وڏو مان ڏيندا هيا ٿه هن اُنهن لاءِ گهٽ مان واري لقب يعني ڪئليليئن جي منظوري ڏني،[85] هن چيو ٿه ڪئليليئن جي حماقت سبب، جن کي هو هڪ جنوني فرقي جي ناليو سان سڏيندو هو، جيڪي سندس نظر ۾ ماڻهن لاءِ نفرت جو باعث ۽ ديوتائن لاءِ ڏکاريڙ جي قابل هيا، ۽ جن جي ڪري سڄي شهنشاهت تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي چڪي هئي ۽ هن عوام جي آڏو پنهنجي هڪ فتويٰ ۾ چيو ٿه هڪ مڇريل بيمار ڪڏهن ڪڏهن صحتمند تشدد ذريعي ٺيڪ ٿي ويندو آهي.[86] جولين جي ذهن ۾ توڙي سندس ڪائونسل جي فيصلن ۾ هڪ ناانصافي وارو فرق صاف ظاهر هوندو هو. مثال طور مذهبي معاملن ۾، هڪڙي گروهه تي سندس مهربانيون ۽ ساٿن دوستيون هوندوين هيون جڏهن ٿه ٻي گروهه سان سندس روَيو عام رواجي هوندو هو چو ٿه هن جي مطابق هو پنهنجي انصاف کي اُنهن ماڻهن کان نٿو روڪي سگهي جيڪي سندس وڌيڪ سعادتمند ۽ فرنبردار هيا.[87] هڪڙو اصول اهڙو ناهيو ويو جنهن ۾ رڳو شرارت ۽ اذيت پريل هئي يعني شهنشاهه اُهي شيءِ فراخدليءَ وارا مالي فائدا، جيڪي ڪانسٽنٽائن ۽ سندس پُٽن عوامي ناٿي منجهان ڪليسا جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيا هيا، پنهنجي مذهب جي پادرين ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيا. ڪلارڪن ۽ هينئين طبقي جي ملازمن جا اعزاز

۽ ٻيا مالي فائدا جيڪي وڏي محنت ۽ دانائيءَ سان ٺاهيا ويا هيا، اُنهن کي ختم ڪيو ويو. جيڪي عطيا وصيتن ذريعي ماڻهن لاءِ ڇڏيا ويا هيا، انهن کي پڻ هڪ طرفي ۽ سخت قانونن ذريعي رد ڪيو ويو ۽ عيسائي ڏر جي پادرين کي هر لحاظ کان ذليل ۽ خوار ڪيو ويو. هن قسر جا قانون، جيڪي ڪليسائي ماڻهن جي مقصدن ۽ اُنهن جي لوڀ لالچ کي روڪڻ لاءِ ضروري سمجهيا ويا، شهزادي طرفان نئين سر ٺاهيا ۽ نافذ ڪيا ويا. خاص اعزازن ۽ مهربانين کي، جن جي حڪومتي پاليسي يا وهمن وسوسن جي رواجن موجب ڪليسائي پادرين کي اجازت هئي، اُنهن پادرين ڏانهن منتقل ڪيو ويو جن جو تعلق حڪومتي مذهب سان هيو. پر قانون ساز جي خواهش تعصب جي جذبن کان خالي نه هئي ۽ جولين جي ڪدورت واري پاليسيءَ جو مقصد فقط هي هيو ته مڙني عيسائين کي سڀني اعزازن ۽ فائدن کان محروم ڪري ڇڏي، پر انهن اذيتن ۽ محرومين جي ڪري هو سڄي دنيا جي نظرن ۾ عزت وارا بنجي ويا.[88]

ان قانون جي بہ جائز ۽ سخت مذمت ڪئي وئي آهي جنهن موجب عيسائين کي گرامر ۽ تقرير جي فن سيکارڻ کان سخت منع ڪئي وئي هئي.[89] هن هڪ طرفي ۽ ظالماڻي قدم کي بہ شهنشاهہ طرفان جائز قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي جنهن تي غلام تہ خاموش رهندا پر خوشامدي ماڻهو حاڪر کي داد ڏيندا رهندا. جولين هڪ غير واضح لفظ جي استعمال کي گهٽ وڌ ٿو ڳالهائي جنهن کي يوناني زبان ۽ مذهب ۾ عجيب نموني استعمال ڪيو ويو آهي. هو نفرت منجهان اظهار ڪري ٿو تہ اُهي ماڻهو جيڪي مذهب جي پکي عقيدي جي ڇڳاين کي ساراهين ٿا اُهي هن دنيا ۾ رهڻ جهڙا نہ آهن ۽ نہ ئي وري سائنس جي ايجادن منجهان ڪو فائدو وٺن ٿا ۽ هو اجايو بحث ڪندي چوي ٿو تہ هو جيڪڏهن هومر ۽ ڊيموسٿنس جي خدائن جي پوڄا ڪرڻ کان منع ڪن ٿا تہ پوءِ اُنهن کي ليوڪ ۽ مئٽيو جي تشريح مان مطمئن ٿيڻ گهرجي جيڪا هنن گئليليئنس جي ڪليسا ۾ پيش ڪئي هئي.[90] رومي دنيا جي سڀني شهرن ۾، نوجوانن جي تعليم اُنهن استادن کي سؤنپي وئي هئي جيڪي گرامر ۽ تقرير جي فن جا ماهر هوندا هيا جن کي وري مئجسٽريٽ چونڊيندا هيا ۽ کين حڪومت جي خزاني مان پگهارون ملنديون هيون ۽ اُنهن کي ٻيا بہ ڪيترائي مالي فائدا ۽ وڏا اعزاز ملندا هيا. جولين جي فرمان ۾ حڪير ۽ طبيب، آزاد فن جا سيئي پروفيسر ۽ خود شهنشاهہ شامل هو جنهن وٽ ٻين اُميدوارن جي منظوري ڏيڻ جا اختيار پڻ هيا، ۽ ڪيس اهڙا اختيار بہ سؤنپيا ويا هيا تہ پلي هو ڪيڏن بہ وڏن عيسائي عالمن تورڙي وڏي ڇاڻ رکڻ وارن کي سندن مذهبي وفاداري رکڻ تي بگاڙي ڇڏي يا وڏيون سزائون ڏئي ڇڏي.[91] جيئن ئي ڪجهہ ضدي استادن[92] استعيفائون ڏنيون ۽ لادين فيلسوفن جي حڪومت جي هڪ هٽي قائم ٿي وئي، تہ جولين نئين نسل جي نوجوانن کي پبلڪ اسڪولن ۾ داخل ٿيڻ جي خوشيءَ سان اجازت ڏني جنهن جو مقصد اهو هو تہ تازن ۽ نازڪ دماغن کي ادب ۽ بت پرستيءَ جي سئي سکيا ملندي جنهن جو مٽن وڏو اثر ٿيندو. جيڪڏهن عيسائي نوجوانن جي اڪثريت، پنهنجن يا سندن والدين جي اخلاقي اصولن مطابق، اهڙي سکيا ۽ تعليم وٺڻ کان ڏجي وئي ۽ انکي پنهنيجي مستقبل لاءِ هاڃيڪار سمجهيائون تہ پوءِ هو يقيني طور تي اهڙي آزاد تعليم جي فائدن حاصل ڪرڻ کان توبهہ ڪري ان کي ڇڏي ڏيندا. جولين وٽ سبب بہ هيا تہ هو عيسائين مان اِهائي توقع رکي ۽ تورڙن ئي سالن ۾ هن سوچيو تہ ڪليسا هڪ دفعو ٻيهر پنهنجي قديمي سادگيءَ طرف هلي ويندي ۽ جيڪي سندن دين جي تبليغ ڪرڻ وارا استاد يا تحرير تورڙي تقرير جا ماهر هيا، اُنهن جي جڳهہ تي "انڌا اونڌا ويچ" وڃي ويهندا ۽ اُهي

جاهل ۽ جنوني هوندا جيڪي نہ تہ پنهنجن اصولن يا مذهب جي تعليم جي حفاظت ڪرڻ جي صلاحيت رکندڙ هوندا ۽ نہ ئي وري گهٽن خدائن کي مڃڻ وارن جي مختلف حماقتن کي وائکو ڪري سگهندا.[93]

ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ جولين جي خواهش ۽ پاليسي اها هئي تہ هو عيسائين کي دولت، چاڻ ۽ هر طاقت جي فائدن ونڊ کان محروم ڪري چڏي پر کين هر فائدي وارين نوڪرين يا منصبن کان محروم رکڻ جي ناانصافي، سندس ئي عام پاليسين جو نتيجو هئي پر اُها ڪنهن بہ نافذ ٿيندڙ قانون جي حدن ۾ هرگز نٿي آئي.[94] مٿاهين صلاحيت جو تہ قدر يقيني طور تي ٿيڻ گهرجي جنهن ۾ چند ماڻهو پنهنجين لياقتن جي زور تي اڳتي وڌي وڃن ٿا، پر هتي تہ ظلم اهو هو جو عيسائي آفيسرن کي ڳولي ڳولي نوڪرين مان ڪڍيو ويو جنهن ۾ اسٽيٽ، فوج توڙي صوبن جون نوڪريون بہ شامل هيون. شهنشاهہ جي هڪ طرفي ۽ تعصب تي مبني روَيي سبب نوجوانن کي اڳتي وڌڻ جون سڀيئي اُميدون خاڪ ۾ ملي ويون ۽ تہ شهنشاهہ هاڻي واضح طور کين چوندو هو تہ عيسائين لاءِ امن توڙي جنگ جي وقت ۾ ترار هٿ ۾ کڻڻ ڏوهہ جو ڪر هو ۽ هن پنهنجن ڪٽمپن توڙي ٻين هنڌن تي بت پرستيءَ جي نشانن کي نمايان ڪري چڏيو هو. حڪومت جا اختيار لادينن کي سونپيا ويا هيا جيڪي پنهنجن ابن ڏاڏن جي مذهب سان جذباتي طرح لاڳاپيل هيا ۽ جيئن تہ شهنشاهہ کي اُهي ماڻهو پسند ايندا هيا جيڪي اڳڪٽين ڪرڻ جا ماهر هوندا هيا تہ اُهو اهڙن ئي پنهنجن خاص ماڻهن جي چوند ڪندو هو جيڪي سندس نظر ۾ خدائن ۽ ديوتائن جي ويجهو هيا پوءِ توڙي انسانيت يا انسانذات جي کين حمايت يا منظوري پلي حاصل هجي يا نہ هجي،[95] پنهنجن دشمنن جي انتظام هيٺ عيسائين بيحد ڏک ڏٺا ۽ هو ويچارا سدائين خوف ۽ ڏهڪاوَ واري ماحول ۾ رهندا هيا. حقيقت ۾ جولين جو مزاج، ظلم جي بلڪل خلاف هو ۽ دنيا ۾ سندس شهرت اها هئي تہ هو قانون جي پڇڪڙي نہ ڪندو هو پر تہ هو پاڻ هڪ فيلسوف پڻ هيو ۽ برداشت ڪرڻ جا گُڻ بہ منجهس موجود هيا پر تہ اهڙن متن ۽ اصولن کي هن تازو پاڻ نافذ ڪيو هو. پر سندس صوبائي وزير جن کي اختيار ڏنل هو، اُهي گهٽ مرتبي وارا ماڻهو هيا. جڏهن هو پنهنجن هڪ طرفن اختيارن جو استعمال ڪندا هيا تہ هو پنهنجي حاڪر جي حڪمن جي تعميل ڪرڻ بدران سندس خواهشن مطابق عمل ڪندا هيا ۽ اهڙي طرح اُنهن ماڻهن کي تڪليفون ڏيندا هيا جن جو مذهب مختلف هوندو هو يا وري جن کي هو شهادت جي اعزاز ڏيڻ کان محروم ڪندا هيا. شهنشاهہ ناانصافين جي چاڻ جي باري ۾ فريب واري لاعلميءَ جو اظهار ڪيو ۽ پنهنجن آفيسرن کي تنبيهہ تہ نرميءَ سان ڪيائين پر کين انعامن اڪرامن سان پڻ نوازيائين.[96]

ظلم ۽ زيادتين ڪرڻ لاءِ وٽن هڪ بيحد اثرائتو هٿيار موجود هو ۽ اُهو هيو قانون جو هٿيار جنهن سان هنن عيسائين کي مجبور ڪيو تہ هو پلي پنهنجي ان ڳالهہ جو اطمينان ڪري وٽن تہ پوئين حڪومت ۾ جيڪي منڊر اُنهن تباهہ ڪيا هيا اُنهن جي باري ۾ ڪانئن پڇاڻو ڪيو ويندو. فخر ڪندڙ ڪليسا جو جوش ۽ جذبو ايڏو تہ وڏو هو جو کين ڪنهن بہ اختياريءَ کان ڪنهن اجازت وٺڻ جي ضرورت ڪا نہ هئي ۽ پادري، جن کي گهٽين ئي رعايتن جي حفاظت مليل هئي، اڪثر ڪري وڏا جلوس وٺي اڳتي وڌي ويندا هيا ۽ اوناهين جي علامت شهنشاهہ جي قلعن تي حملو ڪري اُنهن کي وڃي ڌاهيندا هيا. جيڪي زمينون پاڪ ٽيل هيون ۽ جيڪي شهنشاهہ جو پنهنجو اباڻو ورثو هيون يا وري مذهبي ماڻهن کي مليل هيون، اُنهن جي صاف وضاحت ٽيل هئي ۽ اُنهن کي فورن واپس ڪيو ويو. پر انهن

زمينن تي ۽ لادينن جي وهمن وسوسن جي برپادين تي عيسائين پنهنجون جايون جڳهون تعمير ڪري ڇڏيون هيون: ۽ جيئن ته مندر ناهڻ کان اڳ ۾ چرچ کي اتان هر صورت ۾ هٽائڻو هو ته هڪڙي ڏر ته شهنشاه جي انصاف ۽ نيڪيءَ تي ڏاڍو داد ڏنو جڏهن ته ٻي ڏر ان تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ ان بي حرمتي واري تشدد ڪرڻ تي کيس گهٽائي ٻڌ پاراتا ڏنا.[97] ميدان صاف ٿيڻ کانپوءِ، اُنهن عاليشان عمارتن جي ٻيهر بحالي، جيڪي منّيءَ جي ڏيرن ۾ بدلجي چڪيون هيون يا جيڪي قيمتي زيور هيا جن کي عيسائين جي استعمال لاءِ ڇڏيو ويو هو، اُهي سيئي سجاٽ کان ٻاهر هليا ويا هيا ۽ هر طرف رڳو نقصان ۽ بربادي‌ءَ جا نظارا ٻچيل هيا. جن ظالمن هيترا سارا زخر رسايا هيا، اُنهن وٽ نه ته ڪا اهليت هئي ۽ نه وري سندن خواهش هئي ته ايتري وڏي نقصان جو ازالو ڪن: ۽ غيرجانبدار قانون جي محافظ تي اهو لازمي ٿي پوي ها ته جيڪي نقصان جون دعوائون ۽ شڪايتون ڪيون ويون هيون، اُنهن جو پورو ازالو ٿئي ها ۽ شرط اهو هو ته انصاف ٿئي ها ۽ ڏرين جي هڪ جهڙائيءَ واري عدالت ٿئي ها. ۽ هتي ته سڄي شهنشاهت ۽ خاص طرح اوير وارن خطن کي، جولين جي فتوائن ذريعي مونجهارن ۾ اڇليو ويو هو ۽ جيڪي لادين مئجسٽريٽ هيا، اُهي جنون ۽ انتقام جي جذبي هيٺ، روم جي سخت قانون سان به مسخريون ڪري رهيا هيا جنهن مطابق جڏهن ملڪيت قرض لاهڻ جيتري نه هجي ته انڪي ان قرضيءَ جو عيوضو سمجهڻ گهرجي جيڪو قرض لاهڻ جي صلاحيت نه رکندو هجي. گذريل حڪومت ۾ آرٽوسا جي پادري مارڪ محنت ڪري پنهنجا ماڻهو ڏئي اسلحو ورتو هو جيڪو سؤدو هن لاءِ وڌيڪ فائديمند رهيو هو.[99] مئجسٽريٽن جي خواهش هئي ته مندر جي پوري قيمت ادا ڪئي وڃي جنهن کي اڄ سهپ جي جنون سبب تباهه ڪيو ويو هو، پر جيئن ته هو سندس جهجهي ملڪيت مان مطمئن هيا، اُنهن جي خواهش فقط اها هئي ته سندس غير لچڪ روّيي ۾ ٿوري نرمي پيدا ڪن ۽ ٿورڙو عيوضو ئي سهي پر ادا ضرور ٿيڻ گهرجي. اُنهن هڪ پيرسن بشپ کي پڪڙيو، ۽ غيرانساني طريقي سان کيس ڏوڙا هنيا ويا، سندس ڏاڙهي پٽيائون ۽ سندس جسر اڳهاڙو ڪري مٿس ماکي لڳائي ۽ انکي هڪ هٿاري‌ءَ ۾ لڙکايو ويو ته جيئن کيس جيتن جٽين جا ڏنگ لڳندا رهن ۽ اهو دردناڪ منظر ملڪ شام جي تيز تپندڙ سج هيٺ جاري رهيو.[100] پنهنجي مٿاهين مرتبي سبب مارڪ پنهنجي جرم ۾ به مانائتو رهيو ۽ کيس اذيت ۾ مبتلا ڪندڙن کي بيعزت ڪندو رهيو. نيٺ کيس سندن هٿن مان ڇڏايو ويو ۽ جو جو هو هاڻي آخري عظيم فتح ماڻي چڪو هو. آرينس پنهنجي نيڪ ڏوهه جي اعتراف ڪندڙ جي اخلاق کي ساراهيو ۽ ان جو جشن ملهايو. ڪٽولڪس فرقي به ان جي ساڻ ڏيڻ جو اعلان ڪيو،[101] ۽ لادين جيڪي پنهنجي شرمساري ۽ پڇتاءَ ۾ ٻڏي رهيا هيا، اڳتي واسطي اهڙي ظلم جي داستان جي ڌهرائجڻ کان بنهه ڏڇي ويا.[102] جولين سندس زندگي بچائي: ۽ جيڪڏهن آرٽوسا جو بشپ جولين جي ٻاراڻي حرڪت کي بچائي ها[103]* ته ايندڙ نسل، شهنشاهه جي رحم دليءَ جي تعريف ڪرڻ بجاءِ، ان احسان فراموشيءَ کي نِندي ها.

ائٽنڪ کان فقط پنجن ميلن جي مفاصلي تي سامر جي مُسيدونيا جي بادشاهن، لادين دنيا جي شاندار جڳهن کي پاڪ ڪري اپولو جي حوالي ڪيو هو.[104] روشنيءَ جي ديوتا جي لاءِ هڪ عظيم الشان مندر کي ناهيو ويو ۽ سندس وڏي مجسمي[105] مقدس جڳهه کي پري ڇڏيو جنهن کي سون ۽ هيرن سان جڙيو ويو هو ۽ يونان جي فنڪارن جي دماغي ڪاوشن سان انکي سينگاريو ويو هو. ديوتا کي جهڪندڙ صورت ۾ ڏيکاريو ويو هو جنهن جي هٿ ۾ هڪ

سونو گلاس آهي هو ۽ زمين تي شراب جو پاڻي اوتي رهيو آهي ۽ ائين ٿي محسوس ٿيو جڻ پنهنجي معزز ماءُ کي ليلائي عرض ڪندو هجي ته سندس ٻانهن ۾ڏو خوشبودار گل ڏئي ڇڏي ڇو ته اها جڳهه ڪهاڻين ذريعي مرتبو ماڻي چڪي هئي ۽ شام جي شاعرن تصور ۾ اها شهواني آڪاڻي پينوس + جي ڪنارن کان ڪٽي اورونٽس تائين پهچائي هئي. يونان جون قديمي رسمون ۽ رواج ائٽنٽڪ جي شاهي ڪالوني جي ماٿهن نقل ڪيا هيا. اڳڪٿين جي هڪ اهڙي لهر اُڀي پئي جيڪا ڊيلفڪ جي معجزن جي سچ ۽ شهرت کان ٻه گوءِ ڪٽي وئي ۽ اها لهر ڊافن گل[106] جي ڪشتالين ‡ چشمي وٽان ڦٽي نڪتي هئي. پروارين زمينن ۾ ڪنهن خاص مقصد[107] لاءِ هڪ استڊيم تعمير ڪرايو ويو جنهن کي ايلس 8 کان خريد ڪيو ويو هو ۽ اولمپڪ جون راندين شهر جي خرچ تي کيڏيون ويندين هيون ۽ ٽيهه هزار پائونڊ اسٽرلنگ جي دولت ماٿهن جي وندر ورونهن تي خرچ ڪئي ويندي هئي.[108] زيارتين ۽ تماشبينن جي دائمي رهائش گاهه غير محسوس ٿيندڙ طريقي سان مندر جي ويجهو ٺاهي وئي هئي ۽ ڊافن جو شاندر ۽ وڏي آبادي وارو ڳوٺ جنهن جو شان شوڪت صوبائي شهر وارو هو، بغير ڪنهن لقب جي هيو. مندر توڙي ڳوٺ گهاٽن ڪافوري ۽ شمشاد جهڙن وڻن ۽ ٻوٽن جي جُهڳٽن ۾ وکوڙيل هيا جن جو دائرو هر طرف ڏهن ميلن تائين هيو ۽ اُنهن جي ڪري گرم اونهاري ۾ ٻه ٽڏڙيون هِبرون ۽ چانوَ جو لطف پيو وٺبو هو. صاف پاڻيءَ جون هزار نهرون جيڪي هر ٽڪريءَ منجهان ڦُٽنديون هيون جنهن ڪري زمين پنهنجي چُهچ ساوَڪ کي قائم ڪري ڇڏيو هو ۽ گرمي پد کي پڻ خوشگوار رکيو هو، اهڙي ماحول ۾ انساني حواس بيحد وٽندڙ ڏيمن آوازن ۽ خوشبودار ساهن سان واسجي ويندا هيا ۽ پُرسڪون وٽن جو جهڳٽو ائين لڳندو هو جڻ اهو ئي صحت، سونهن، خوشين، عياشين، پيار ۽ محبت جو ضامن آهي. ڪو نوجوان، اپولو جيان، پنهنجي خواهشن جي پٽيان ڊوڙندو هو ته وري شرميلي چوڪري ڊافن* جي ويجهو ويندي ئي گرمائجي ويندي هئي ۽ ڪيس تنبهه ٿيندي هئي ته پنهنجي اجائي ۽ اڻ مندائتي حيا کي پاسيرو رکي ڇڏي، هڪ سپاهي يا فيلسوف جذبن کي گرمائيندڙ هن جنت[109] ۾ اچڻ کان لنوائيندو هو جتي، مذهب جي تقاضا کي ڏسندي، لذت ۽ خوشيءَ جي لهر غير محسوس ٿيندڙ انداز سان مرد جي ارادن جي مضبوطيءَ کي توڙيندي، سندس جسر مان آر پار ٿي ويندي هئي. اهڙيءَ طرح ڊافن جي وٽن جا جهڳٽا، ڪيترن زمانن تائين مقامي ماٿهن توڙي ٻاهران ايندڙ سياحن جي پيار ۽ ڪشش جو محور ۽ مرڪز رهيا، هن عظيم جنت جي ٽڪري ۾ ايندڙ شهنشاهن ۽ پنهنجي فياضيءَ جو سلسلو جاري رکيو ۽ ماٿهن لاءِ سهولتون ۽ آسائشون ڏينهون ڏينهن وڌنديون رهيون جنهن سبب مندر جي شان شوڪت ۽ سينگار ۽ سونهن ۾ نوان زيور لڳندا رهيا.[110]

سالياني اجتماع تي جڏهن جولين، ڊافن جي اپولو جي عبادت ڪرڻ ويو ته سندس عقيدت، بي صبري ۽ چاهت جي چوٽين تي پهچي چڪي هئي. هن اڳواڻ ٿي شڪار ٽيل ماٿهن جي جلوَن، شراب جي اوتجڻ، لوبان ٻارڻ ۽ نوجوانن ۽ ڪنوارين جي قطارن، جنڪي سفيد ڊريسون پهريل هيون جيڪي سندن معصوميت جي علامت هيون ۽ بيشمار ماٿهن جي شور ۽ غوغاءَ کي پنهنجي تصور جي آئيني ۾ ڏٺو هو. ۽ ائٽنٽڪ جو جوش جذبو، عيسائيت جي حڪومت جي دؤر ڪانپوءِ، مختلف رنگ ۾ تبديل ٿي چڪو هو. شهر جي دولتمندن طرفان پنهنجي ديوتا لاءِ ٽلهي متاري ڏاند جي وڏي قرباني ڪرڻ جي بجاءِ، شهنشاهه هاڻي شڪايت ڪئي ته هن ته قرباني ۾ فقط هڪ بدڪ

وڃي ڏٺي جيڪا پڙ پادريءَ طرفان آڃي وئي هئي جيڪو ويچارو زرد پيلو ٿي چڪو هو ۽ هن برباد ٿيل مندر جو اکيلو رهاکو هو.[111] قربانگاهه اڃڙي چڪو هو. معجزا يا ڪرشما خاموش ٿي چڪا هيا ۽ جيڪا پاڪ زمين هئي اُها عيسائين ۽ ماتمي تقريبن سبب لادينيت طرف بگڙي چڪي هئي. بئبيلاس[112] (ائنٽڪ جو بشپ جيڪو ڊيسيَس جي ظلمن سبب جيل اندر مئو هو) جڏهن سؤ سال پنهنجي قبر ۾ رهيو هو ان کانپوءِ، سيزر گئلس جي حڪر تي سندس برتو ڪيي ڊافن جي وٽن جي جهڳٽي ۾ دفن ڪيو ويو هو. ان جڳهه تي بعد ۾ هڪ زبردست ڪليسا تعمير ڪئي وئي هئي، هنن پاڪ زمينن جي ڪجهه حصي تي قبضو ڪري مذهبي ماٿهن جي استعمال ۾ رکيو ويو هو ته ڪجهه وري ائنٽڪ جي عيسائين جي تدفين وغيره جي استعمال لاءِ رکيو ويو هو جن جي خواهش هئي ته هو پنهنجي محترم پادريءَ جي پيرن ۾ پُورجن ۽ اپولو جا پادري پنهنجن ڏنل مريدن سميت رتائر ٿي ويا. جيئن ٿي هڪ ٻي انقلاب ۾ لادينيت جي قسمت بهتر ٿيندي نظر آئي ته سينٽ بئبيلاس جي ڪليسا کي ڊاهيو ويو ۽ ان هنڌ تي ٻيون جايون جڳهون جوڙايون ويون جن جي تعمير ۾ شام جي بادشاهن جي نيڪي ۽ تعاون حاصل هيو. ۾ جولين کي وڏي ۾ وڏو اونو هن ڳالهه جو هو ته پنهنجي ديوتا کي اُنهن مٿن کان آجو ڪري جيڪي سندس ارد گرد دفن ٿيل هيا ۽ زندهه عيسائين کان پڙ سندس جند ڇڏرائي جن وڏي اثرائتي نمونو دوکي ۽ جوش جذبي جي آواز کي ختر ڪري ڇڏيو هو.[113] گندي ٿيل جڳهه کي قديم رسمن ۽ دستورن موجب پاڪ صاف ڪيو ويو، مردن کي قبرن مان مانائتي نمونو ٻاهر ڪڍيو ويو، ۽ چرچ جي رکوالن کي اجازت ڏني وئي ته سينٽ بئبيلاس جي خاڪ کي سندس پهرين جڳهه يعني ائنٽڪ جي ديوارن جي حدن ۾ نيو وڃي. هڪ سئي اخلاق جو مظاهرو. جيڪو هڪ مخالف حڪومت جي حسد کي ڪجهه ٽڏو ڪري ها، پر عيسائين جي جنون سبب، ان تي عمل نه ٿي سگهيو. هڪ وڏي ڪار جنهن ۾ بئبيلاس جا تبرڪ ڪنيا ويا هيا ۽ جنهن جي ماٿهن جي هڪ وڏو هجوم طرفان آڃيان ڪئي وئي هئي، اُنهن اُپ ڏاريندڙ نعرا هٽندي ۽ وڏي جذبي ۽ عقيدي جو اظهار ڪندي حضرت دائود (ع - س) جون مناجاتون پڙهيون جن ۾ بتن ۽ بت پرستيءَ بابت ڏڪار جو اظهار ٿيل آهي. هڪ بزرگ جي وٽن واپسي سندن فتح جي علامت هئي ۽ اها فتح وري شهنشاهه جي مذهب لاءِ بيعزتي جو باعث هئي، ۾ هو فخر مان پنهنجي ناراضگيءَ کي بهروپيءَ منجهان لڪائي ويو. هن جشن ۽ جلوس واري رات ۾ ڊافن جي مندر کي باهه جا شعلا وکوڙي ويا، اپولو جو پورو مجسمو سڙي رڳ ٿي ويو. ۽ ان عمارت جون ديوارون اُگهاڙيون ٿي پيون ۽ سڄو نظارو هڪ تباهي ۽ بربادي جي منظر ۾ بدلجي ويو. ائنٽڪ جي عيسائين مذهبي اعتماد مان دعويٰ ڪئي ته سينٽ بئبيلاس جي سفارش تي، عمارت جي ڇت تي جنت جي بجلي ڪري هئي، پر جيئن ته جولين يا ته ڏوهه کي يا معجزي کي مڃيندو هو تنهنڪري هن بغير ڪنهن هڪ يا شاهديءَ جي، پر ڪنهن ممڪن شيءَ جو امڪان رکندي، ڊافن جي باهه کي ڪوڙو ثابت ڪندي، انکي گئليليَنس جي انتقامي ڪارروائيءَ جو نالو ڏنو.[114] جيڪڏهن سندن ڏوهه پوريءَ طرح ثابت ٿي وڃي ها ته انجا نتيجا به ڪين سخت پوڳٽا پوَن ها، پر پوءِ پي سندن دروازا بند ڪيا ويا ۽ ائنٽڪ جي ڪليسا جي پوري دولت ضبط ڪئي وئي. جيڪي ڏوهي گوڙ ۽ شور شرابو ڪرڻ جا ذميندار هيا يا باهه لڳائڻ ۽ چرچ جي دولت کي ڇڪجهو رکڻ جا مجرم هيا، اُنهن جي ڇولا جاري رکندي ڪيترن ٿي عيسائين کي اذيتون ڏنيون ويون[115] ۽ هڪ ٽوڊوريٽ نالي نائب پادري کي اوير جي ڪورٽ طرفان سزا ڏياري سندس سِر ڏاڙ کان ڌار ڪيو ويو. پر

هن اُبهري ڪر ڪي شهنشاهه طرفان ٽِنديو ويو جنهن سچن يا ڏوُنگ وارن جذبن سان ان واقعي تي پنهنجي ڏک جو اظهار ڪيو ۽ وزيرن جي بيوقوفي جي ڪري سندس حڪومت تي هين ڪي اذيتن پهچائڻ جو الزام ٻه لڳندو ۽ حڪومت جي ذلت پڙ ٽيندي.[116]

جولين جي وزيرن جي جوش ۽ جنون ڪي سندن حاڪر طرفان لغام ڏنو ويو. پر جڏهن ملڪ جو ابو پاڻ ان زيادتي ڪندڙ طبقي جو پاڻ ڪي ليڊر ظاهر ڪري ۽ پوءِ ماڻهن جي ڪاوڙ ۽ ناراضگيءَ ڪي روڪڻ مشڪل ٿي پوي ٿو ۽ نه وري ڪين سزا ڏئي سگهجي ٿي. جولين عوام جي سطح تي شام جي پاڪ شهرن جي وفاداري ۽ عقيدت جي تعريف ڪري ٿو جن جي پاڪباز رهاڪن پهرين فرصت ۾ ئي گئليليئنس جي قبرن ڪي ڌاهي ڇڏيو هو ۽ ڏيمي انداز ۾ شڪايت ڪري ٿو ۽ اُنهن ديوتائن جي بيعزتي جو بدلو ورتو هو پر اُهو نرم انداز سان هو ۽ نه اهڙي طرح جيئن هن سفارش ڪئي هئي.[117] هن قسر جو اٺپورو ۽ بي ڊِليو اعتراف شايد عيسائين جي شڪايتن جي تصديق ڪري ٿو ۽ غازا، ائسڪلن، هيليوپولس وغيره جهڙن شهرن ۾ لادينن پنهنجي ئي خوشحالي وارن ڏينهن جو ناجائز فائدو ورتو جنهن ۾ نه ۽ ڪا دانشمندي هئي ۽ نه وري ان ڀالهه جو ڪين ڪو ڏک هو ۽ سندن ظلمن جا ستايل ۽ ناخوش ماڻهو عذابن مان آزاد فقط تڏهن ٿيا جڏهن اُهي مري ويا. ۽ جيئن ئي اُنهن جي تباهه ٿيل زخمي جسمن جي گهٽين ۾ گهليو ويو ۽ اُنهن کي بورچين جي ٽُڪن ۽ ڪنگهارن ۽ عورتن جي لڪڻ سان سندن جسمن ۾ سوراخ ڪيا ويا (عالمي ڪاوڙ ان وقت ان حد تائين هئي) ۽ عيسائي پادرين ۽ ڪنوارين ڇوڪرين جا آندا گوندا ڪيي. جنونين طرفان اُنهن جي ذائقي چکڻ ڪانپوءِ جَوَن جي اَنَ سان گڏائي اُنهن کي وڏي نفرت ۽ حقارت منجهان شهر جي ڪندن ۽ گدلن جانورن آڏو اڇلايو ويو هو.[118] مذهبي جنون جا اهڙا منظر، انساني فطرت جي ذلت آميز ۽ بچان ڏيارينڊڙ تصوير پيش ڪن ٿا، پر اليگزئنڊريا جو قتلام اڃا وڌيڪ توجه چڪرائي ٿو. حقيقتن جي يقينيءَ جي حساب سان، مظلومن جي رتبي ۽ مصر جي گاديءَ جي هنڌ جي شان شوڪت جي حساب سان اهو تمام وڏو واقعو هو.

جارج،[119] جنهن جو سندس والد طرفان يا تعليم پرائڻ وقت، ٻيو نالو ڪپاڊوشين هو جيڪو سِسيليا ۾ ايپينئنيا جي شهر ۾ هڪ ڪپڙي اٽندڙ جي گهر ۾ ڄائو هو. اٺڄاتل ۽ غلاميءَ جي اصليت کان، هن هر فن مؤلا ٿي پنهنجي مرتبي کي متاهون ڪيو. ۽ سندس حمايتين ۽ مددگارن، جن جي هو بيحد خوشامد ڪندو هو، پنهنجي نالائق پاڙيندڙ لاءِ هڪ ڪميشن تي سئي روزگار جو بندوبست ڪيو ته هو فوج کي سوئر جو گوشت مهيا ڪري ڏيندو. سندس نوڪري تمام ننڍي ۽ خيسس قسر جي هئي جنهن کي هن وڏيڪ بدنام پاڻ ڪيو. هن خوب دولت ڪمائي پر رڳو دوڪيبازي ۽ بددياننتيءَ جي ذريعن سان، پر سندس بددياننتي ۽ بي ايماني ايتري ته بدناميءَ جي چوٽين تائين پهتي جو جارج ٻيو ڪو بچاءَ جو رستو نه ڏسي انصاف کي مُنهن ڏيڻ بجاءِ ان کان مُنهن موڙي ڪيڏانهن غائب ٿي ويو. هن بيعزتي ڪانپوءِ، جنهن ۾ ائين ٿو لڳي ته هن پنهنجي وقار جو سوڊو ڪري دولت حاصل ڪئي هئي، هن نيٺ سچائيءَ يا ڏوُنگ ذريعي آرين ازم سان وابستگي اختيار ڪئي. سچائيءَ کان يا وري سڪيا ۾ شو بازيءَ جي خيال کان، هن پاڻ وٽ هڪ وڏي لائبرري ناهي ورتي جنهن ۾ تاريخ، تقرير، فلسفي ۽ مذهب جا ڪتاب هيا[120] ۽ ان وقت جي هڪ طبقي جي چوند جو ڪٽو مٽس وڄي پيو ۽ ڪپاڊوشيا جو جارج، اٿنيسيس جي تخت تي وڄي ويٺو. نئين وڏي پادري

جي آمد هڪ بربر فاتح واري هئي ۽ سندس حڪومت جي دؤر جي هر گهڙي ظلم ۽ لوڀ لالچ سان گندي ٿيل هئي. اليگزئنڊريا ۽ مصر جا ڪٽٽولڪ هڪ آمر ۽ ظالم جي مُنهن ۾ اچلايا ويا هيا جنهنڪي، پنهنجي فطرت توڙي سندس تعليم پٽاندڙ ڇڻ ٻين کي اذيتن ڏيڻ جي ڏگري مليل هئي ۽ هن پنهنجن ضلعن جي مختلف ماڻهن کي هڪ جيترا عذاب ۽ تڪليفون ڏنيون. مصر جي وڏي پادري پنهنجو شان شوڪت وارو وڏو رتبو تڪبر سان سنياليو ڇو ته منجهس ڪمينگي ۽ ذلت جي حسب نسب واريون سڀ اوٽايون موجود هيون. اليگزئنڊريا جا واپاري پوريءَ طرح ڏيوالا ٿي چڪا هيا ڇو ته هن ظلم ۽ ناانصافيءَ سان ڏنڊي جي سيني ذريعن جيئن نائيٽر، لوڻ، ڪاغذ ۽ ڪفن دفن وغيره تي پرپور قبضو ڪري ورتو هو ۽ وڏي قوم جي هڪ روحاني پيءَ چغلي خور ٿيڻ جو حقارت جهڙو ۽ هاجيڪار اعزاز به حاصل ڪري ورتو. جيڪا ٽئڪس هن شهر جي هر گهر تي مڙهي وئي ته اليگزئنڊريا جا رهواسي اهڙي زيادتي کي نه ته وساري سگهندا ۽ نه وري هو ان کي ڪڍهن به معاف ڪري سگهندا. هن هڪ مدي خارج دعويٰ جي بنياد تي ماڻهن سان اهو ظلم ڪيو هو ته پايو وجهندر شهنشاهه پنهنجي جانشينن پٽوليميز ۽ سيزرس کي هن زمين جي ملڪيت جا دائمي حق ڏئي ڇڏيا هيا. لادينن، جن جي خوشامد ان اُميد تي ڪئي وئي هئي ته ڪين آزادي ۽ برداشت جهڙا تحفا ملندا، سندس ذليل لوڀ لالچ جي جذبن کي وڌيڪ بگاڙيو، جنهن جي نتيجي ۾ اليگزئنڊريا جي اُنهن مندرن کي، جيڪي دولت سان مالا مال هيا، وڏي پادري جي اشارن تي اُنهن کي ڦريو ۽ لٽيو ويو يا اُنهن کي بيحرمتو ڪيو ويو ۽ هن ماڻهن جي وچ ۾ بيهي وڏي واڪي اعلان ڪيو ته: " آخر هنن قبرن کي ڪيتري عرصي تائين سلامت رهڻ جي اجازت ڏئي سگهجي ٿي؟" ڪانسٽنٽيس جي حڪومت ۾ ماڻهن جي سخت ڪاوڙ ۽ انصاف جي تقاضائن مطابق ڪيس ملڪ مان تڙيو ويو هو ۽ وڏي پر تشدد جدوجهد ڪانپوءِ اهو فيصلو ٿيو ته ملڪ جون شهري توڙي فوجي طاقتون گڏجي سندس اختيارن کي واپس آڻي سگهن ٿيون ته جيئن هو بدلو وٺي سگهي. اُهو پيغام آڻيندڙ جنهن اليگزئنڊريا ۾ جولين جي تخت تي ويهڻ جي خبر اچي ڏني هئي ۽ ساڳئي شخص وڏي پادريءَ جي زوال جي خبر به اچي پهچائي. جارج ڪي پنهنجن ٻن نفرت جهڙن وزيرن - ڪائونٽ ڊايوڊورس ۽ ڊراڪونٽيس جيڪي خزاني جا مالڪ هيا - سان گڏ زنجيرن ۾ جڪڙي ڪين تيستائين گهليو ويو جيستائين هو قومي جيل تائين پهچن. چوويهن ڏينهن جي ختر ٿيڻ تي، ماڻهن جي وڏي هجوم جيل کي پگو ۽ ٽوڙيو ته جيئن هو کورٽن جي ڏگهي عرصي تائين هلندڙ ڪيسن جي بيصبري برداشت ڪرڻ بدران پاڻ فيصلو ڪندا. ديوتائن توڙي ماڻهن جا دشمن جيڪي سندن ظالماڻين بيعزتين سبب مري چڪا هيا، ته وڏي پادري ۽ سندس ساٿين جي مٿل جسمن کي فاتحاڻي انداز ۾ اُٺ جي پٺيءَ تي ڪٽي گهٽين ۾ گهمايو ويو ۽ اٽنسيس جي ڏر[121] طرفان بي حسيءَ جي مظاهري کي انجيل جي مجيندڙن جو صبر ئي چئي سگهجي ٿو. هنن گندن خطاڪارن جي خاڪ کي سمنڊ ۾ اچلايو ويو ۽ هن گوڙ ۽ شور برپا ڪندڙن جي ليڊرن پنهنجي هڪ عزم جو اظهار ڪيو ته هو عيسائين جي عقيدن کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندا ۽ هنن شهيدن جي مستقبل جي اعزازن کان ڪين محروم نه ڪندا جن کي سندن ابن ڏاڏن جيان، سندن مذهب جي دشمنن طرفان سزائون ڏنيون ويون هيون.[122] لادينن جا خدشا ته صحيح هيا پر اُنهن جا احتياط اثرائتا نه هيا. وڏي پادريءَ جي موت سندس زندگيءَ جي سيني يادن کي مٽائي ڇڏيو هو. اٽنسيس جو دشمن وري آرينس کي پيارو به هيو ته اُنهن لاءِ مقدس پڻ هيو ۽ اُنهن جي وچ ۾ جيڪا گفتگو ٿي هئي ان مطابق هنن سندس

عبادت ڪرڻ کي ڪٽٽولڪ ڪليسا ۾ رائج ڪرايو.[123] هڪ نفرت جهڙي ڏاڙهي ماڻهوءَ کي، جنهن پنهنجي وقت ۾ نسل کي لوڪان لکايو هو، شهيد، ولي ۽ عيسائي سپوت جو ڪيس درجو ڏنو ويو.[124] ۽ ڪپاڊوشيا جي بدنام جارج کي تبديل ڪري[125] انگلنڊ جي مشهور نالي سينٽ جارج سان سڏيو وڃي ٿو. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو، ته هو جنگي اسلحي، بهادري ۽ سرواٽيءَ جو سرپرست هو.[126]

ساڳي وقت تي جولين کي اليگزئنڊريا ۾ برپا ٿيل فسادن بابت ڄاڻ ڏني وئي، ڪيس ايڊيسا جي مخبرن ٻڌايو ته آرينس جي مغرور ۽ دولتمند طبقي، وٽلينٽينينس جي ڪمزوريءَ جو فائدو ونندي کين بيعزت ڪيو هو ۽ اهڙا غيرقانوني ڪر ڪيا هيا جيڪي هڪ نظر ۾ ضبط واري ملڪ ۾ نه ٿيڻ گهرجن ها ۽ اهڙن غير قانوني ڪمن تي سزا ڏيڻ لازمي آهي. انصاف جي سُستي کي نظر ۾ رکڻ کانسواءِ، ڪاوڙ ۾ باهه ٿيل شهنشاهه ايڊيسا جي مئجسٽريٽن کي حڪر ڏنو[127] جنهن سان چرچ جي سڃي ملڪيت کي ضبط ڪيو ويو. حاصل ٿيل رقم سپاهين ۾ ورهائي وئي، سندن زمينون سندس حڪومت جو حصو ٿي ويون ۽ ظلم جي هن منظر کي ايا وڌيڪ سفاڪي واري زيادتي سان ڏهرايو ويو: " آءُ پاڻ کي،" جولين چيو، " گيليليئنس جو سچو دوست ثابت ڪريان ٿو. سندن تعريف لائق قانون، غريبن لاءِ جنت جي بادشاهي آڃي ٿو ۽ اُهي وڏي محنت سان نيڪي ۽ چوٽڪاري جي رستي تي فقط ٽڏهن هلندا جڏهن دنياداريءَ ۽ دولت جي حرص وهوَس کان کين آءُ چوٽڪارو ڏيارينديس. خيال ڪجو، بادشاهه وڏيڪ سنجيدو ٿيندي چيو، خيال ڪجو، اوهان منهنجي صبر ۽ انسانيت کي ڪيئن نه آپي کان ٻاهرڪيو تا. جيڪڏهن اوهانجا هن قسر جا غيرقانوني ڪر جاري رهندا ته آءُ ماڻهن سان ٿيل زيادتين جو حساب ڪتاب مئجسٽريٽن کان ونندس ۽ پوءِ توهان ان ڏينهن کان ڊڄجو جڏهن اوهان جون ملڪيتون ضبط ڪيون ويندیون ۽ اوهان کي ملڪ بدر ڪيو ويندو، نه رڳو ايترو پر پوءِ شايد باهه ۽ ترار جو استعمال ٻه ڪيو ويندو." اليگزئنڊريا جا گوڙ ۽ هنگاما تمام خطرناڪ ۽ خوني قسر جا هيا، پر هڪ عيسائي پادري لادينن جي هٿان مارجي ويو هو ۽ هن سلسلي ۾ جولين جي تحرير منجهان سندس هڪ طرفي نظام جو ڇٽو ثبوت ملي رهيو هو. اليگزئنڊريا جي شهرين لاءِ سندس ملامت ۽ مذمت وارن لفظن ۾ پڻ نرمي ۽ عزت وارو گڏيل سڏيل روَيو نظر ٿي آيو ۽ هو افسوس جو اظهار ٿو ڪري ته هن موقعي تي ٻه اُهي پنهنجن دستوري اخلاق ۽ نرميءَ واري مزاج کان پاسيرا نظر ٿي آيا جنهن مان سندن يوناني نسل جو اندازو آساني سان لڳائي سنگهبو هو. هو وڏي شدت ۽ ڪاوڙ مان ان ڏوهه جي مذمت ڪري ٿو جيڪو انصاف ۽ انسانيت جي قانون خلاف ڪانئن سرزد ٿيو هو ۽ هو بظاهر اطمينان سان اُنهن ڇڙ ڏيارينڊڙ ۽ برداشت کان ٻاهر جي واقعن کي ڏهرائي ٿو جيڪي ڪپاڊوشيا جي جارج جي ناپاڪ آمريت ڏهرايا هيا ۽ جن کي هن هيترو سارو عرصو برداشت ڪيو هو. جولين ان اصول کي دل سان مڃي ٿو ته ماڻهن جي گستاخيءَ واري روَش تي، هڪ عقلمند ۽ مضبوط حڪومت کي، کين ضرور سزا ڏيڻ گهرجي، ان هوندي ٻه شهر جي پايو وجهندڙ سڪندر ۽ سراپس ديوتا جو ڪجهه لحاظ ۽ مروت ڪندي، هو سڃي خطاڪار شهر کي هڪ پُروقار معافي ڏئي ٿو، جنهن لاءِ هن کي پنهنجي پاءُ جيترو پيار ۽ محبت محسوس ٿئي ٿي.[128]

اليگزئنڊريا جي هنگامن ختر ٿيڻ کانپوءِ، اٽنسيس، ماڻهن جي پرجوش تاڙين ۽ خوشيءَ ۾ تخت تي ويٺو جتي سندس نالائق چٽاپيٽي ڪندڙ مُنهن پرڪريو هو، ۽ جيڪو ته وڏي پادريءَ جا جذبا اختيارن سان گڏ تحمل ۽

بردباريءَ وارا هيا. تہ سندس حڪمن، ماڻهن جي ذهنن اندر باهہ ٻارڻ جي بجاءِ اُنهن کي ٺڏو ۽ صلح تي آماده ڪيو. سندس پادريءَ واريون خدمتون فقط مصر جي حدن تائين محدود نہ هيون. عيسائي دنيا جي حالتن بابت ڪيس پوريءَ طرح ڄاڻ هئي ڇو تہ سندس ذهن صحتمند ۽ ڪشادو هو ۽ عمر، صلاحيتون ۽ اتنئسيَس جي شهرت، خطري جي هن گهڙيءَ ۾، ڪيس عيسائي دنيا جو آمر بنائي ڇڏيو.[129] ايا تي سال ٻہ نہ گذريا هيا جو اولهہ جي ملڪن جي پادرين جي اڪثريت، رمني جي گناهہ جي اعتراف سان، بي خبريءَ يا ناراضگيءَ وچان پنهنجي يڪراءِ ٽيڙ جو اظهار ڪيو هو. اُنهن پچتايو، اُنهن اعتبار ڪيو پر پنهنجن ڪنور قسر جي مذهبي پائرن جي بي وقتي ناراضگيءَ کان سخت خوفزده هيا. ۽ جيڪڏهن سندن فخر جو جذبو سندن عقيدي کان وڌيڪ مضبوط هيو تہ پوءِ ممڪن هو تہ هو پاڻڪي آرينس جي قبضي ۾ هڻڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏين تہ جيئن عام ماڻهن اڳيان گناهن جو ڪفارو ادا ڪرڻ جي ذلت کان بچي سگهن ڇو تہ ائين ڪرڻ سان سندن حالت بيحد ابتريءَ واري ۽ اٽڄاتل عام ماڻهن جي درجي کان ٻہ هيٺ ٿي وڃي ها. ساڳئي وقت روحاني ماڻهن جي يڪجهتي ۽ اعزازن بابت گهريلو تضادن ۽ اختلافن کي ٻہ گهٽو اُپاريو ويو جنهن سبب ڪئٿولڪ ڊاڪٽرن اندر ڪافي غصو موجود هو ۽ هي طرف وري مابعدالطبيعاتي رجحانن جي اختلافن جي ابتريءَ واري صورتحال ان حدتائين وڌي وئي جو بنهہ يوناني ۽ لاطيني ڪليسائن جي وچ ۾ دائمي جدائيءَ جو خطرو پيدا ٿي پيو. هڪ مشاورتي ڪميٽيءَ جي ڊاهپ سبب، جنهن کي اتنئسيَس جي موجودگي هڪ ڪائونسل جو درجو ڏئي ڇڏيو هو، اُهي پادري جن غير محتاط ٽيندي غلطيون ڪيون ۽ مونجهارا پيدا ڪري ڇڏيا هيا، وري ڪين ڪليسا جي برادريءَ ۾ داخل ڪيو ويو پر آسان شرط اهو هو تہ نائسين عقيدي، سان ڪين يڪراءِ ٽيڙو پوندو جنهن ۾ سندن پوين غلطين جو حساب يا احتساب نہ ڪيو ويندو ۽ نہ وري سندن فيلسوفياڻي خيالن جي تشريح يا احاطو ڪيو ويندو. مصر جي وڏي پادريءَ جي مشورن اڳ ۾ ٿي گال، اسپين، اٽلي ۽ يونان جي مذهبي ماڻهن کي هن صحتمند سمجهوتي جي استقبال ڪرڻ لاءِ تيار ڪري ڇڏيو هو. ۽ ڪجهہ اهر روحن[130] جي مخالت جي باوجود گڏيل دشمن جي خوف کان عيسائين جي وچ ۾ صلح صفائي ۽ دوستيءَ جا رشتا وري قائر ٿي ويا.[131]

مصر جي وڏي پادريءَ جي ڊاهپ ۽ محنت سبب هر طرف صلح سانت ٿي وئي پر ان کان اڳ ۾ ٿي شهنشاهہ جي فتوائن جي ڪري[132] وري ان ۾ رڪاوٽ اچي وئي. جولين، جنهن کي عيسائين کان نفرت هئي ۽ اتنئسيَس کي خلوص ۽ دل واري ڪار سان عزت ڏيندو هو، فقط هن جي لاءِ هن هڪ طرفو فرق ڪيو جيڪو گهٽ ۾ گهٽ سندس پهرئين اعلان جي بلڪ برخلاف هو. هن جو چوڻ هو تہ گئليليَنس جن کي هن ملڪ نيڪاليءَ مان وري پنهنجي وطن گهرايو هو، پر اُنهن جون نہ تہ ڪليسائون واپس ٿيون هيون ۽ نہ وري ڪين اُنهن جي حفاظت جو مٿن فرض سؤنپيو ويو هو: ۽ هن ان ڳالهہ تي پنهنجي حيرت جو اظهار ڪيو تہ هڪ بدنام مجرم جنهن کي ڪيترائي ڀيرا شهنشاهن جي فيصلي مطابق ڪيس نندیو ويو هو، ڪيس اها جرئت ڪيئن ٿي تہ هو قانون جو احترام نہ ڪري ۽ گستاخي ڪندي اليگزئندريا جي وڏي پادري جي تخت تي قبضو ڪرڻ جو سوچي ۽ شهنشاهہ جي حڪمن جي ٻہ پرواهہ نہ ڪري، هڪ خيالي جرم جي سزا طور، هن اتنئسيَس کي ٻيهر شهر نيڪالي ڏئي ڇڏي ۽ ڪيس اهو فرض ڪندي خوشي ٿي تہ ماڻهو سندس هن انصاف واري قدم کي ساراهيندا ۽ رعيت جا ماڻهو ان تي خوش ٿيندا. پر عرضدار ماڻهن جي گهٽي زور پرڻ

تي کيس يقين آيو تہ الیگزئنڊريا جي ماڻهن جي اڪثريت عيسائي هئي ۽ وري عيسائين جي اڪثريت مضبوط طريقي سان پنهنجي وڏي پادريءَ سان عقيدي موجب لاڳاپيل هئي. پر سندس جذبن کي سمجهڻ ۽ ڄاڻڻ جي باوجود، هن پنهنجي فيصلي تي نظرثاني تہ نہ ڪئي پر اٽلو هو وڌيڪ ڪاوڙجي پيو ۽ سندس شهر نيڪاليءَ کي هاڻي پوري مصر جي وسيع حدن تائين وڌائي ڇڏيائين. ماڻهن جي هجوم جي جوش ۽ جنون کيس وڌيڪ سخت ۽ ڪنور بنائي ڇڏيو: هو ان وقت وڌيڪ محتاط ٿيو جڏهن مشهور ۽ جرئتمند ليدر، شور ۽ هنگامن منجهان شهر کي ڇڏي وڃي رهيو هو، ۽ سندس ناراضگي واري ٻوليءَ مان صاف ظاهر پيو ٿئي تہ هو اٿنسيَس جي جرئت ۽ سندس صلاحيتن لاءِ ڪهڙي راءِ رکندو هو. سندس حڪم جي تعميل ڪرڻ ۾ ايڊيسيَس - جيڪو مصر جو منهندار هو - کان دير ٿي وئي هئي، جنهن کي سندس سُستيءَ منجهان شهنشاهه جي دڙکن جاڳائي وڏو. "توڙي جو تون غفلت ٿو ڪرين، جولين چوي ٿو" تہ مونکي ڪنهن بہ موضوع تي ڪجهہ لکي موڪلين، پر گهٽ ۾ گهٽ اها تنهنجي پهرين ڏيوتي آهي تہ تون اٿنسيَس طرف پنهنجي هلت چلت ۽ روَش جي باري ۾ مونکي آگاهہ ڪندو ڪر، ڇاڪاڻ تہ هو ديوتائن جو دشمن آهي. منهنجا خيال ۽ ارادا توکي گهٽي وقت کان وٺي معلوم آهن. مونکي عظيم سرپاس جو قسر آهي تہ جيستائين، ڪئلينڊر* موجب ايندڙ ڊسمبر تائين جيڪڏهن اٿنسيَس اليگزئنڊريا ... پر نہ مصر منجهان هليو نہ ويو، تہ تنهنجي حڪومت جا آفيسر هڪ سؤ پائونڊ سون جا بطور ڏنڊ جي ادا ڪندا. توکي منهنجي مزاج جي خبر آهي. آءُ ڪنهن کي ننڊ ۾ سست آهيان، پر ڪنهن کي معاف ڪرڻ ۾ هيڪاري وڌيڪ سست آهيان." هي خط جلد لکيو ويو، وري ان جي پٺيان هڪ ٻيو خط بہ جلدي اُماڻيو ويو جيڪو شهنشاهہ جي پنهنجي هٿ اکرين لکيو ويو هيو. "نفرت - جيڪا سيني ديوتائن لاءِ ظاهر ڪئي ٿي وڃي، مونکي غم ۽ ڪاوڙ ۾ مبتلا ڪري ٿي ڇڏي. هي ڪابہ ڳالهہ نہ آءُ ڏسڻ چاهيان ٿو نہ ٻڌڻ چاهيان ٿو سواءِ ان خوشيءَ جي خبر جي تہ اٿنسيَس مصر بدر آهي يا هين لفظن ۾ سڃي مصر جي حدن کان ٻاهر آهي. سخت نفرت لائق ۽ بيحد بدبختا منهنجي حڪومت جي دوَر ۾ ڪيترين ئي يوناني عورتن کي پاڪ غسل ڏئي عيسائي بنايو ويو آهي جن جو تعلق وڏن گهراڻن سان هو ۽ اهو سندس ئي اذيتن جو نتيجو آهي."[133] اٿنسيَس جي موت بابت ڪو واضح حڪم ڪونہ هيو پر مصر جي منهندار اشارن ۾ سمجهو تہ خيريت ان ۾ هئي تہ پلي هو حدون اورانگهي وڃي بجاءِ ان جي جو خاموش ٿي ويهي رهي ڇو تہ سندس مالڪ هن سلسلي ۾ بيحد بيچين هيو. وڏو پادري دوراندیشي ڪندي صحرا جي ڪنهن گمنام خانقاهہ ۾ وڃي پناهہ ورتي ۽ وڏي هوشياريءَ سان لڪل رهيو تہ جيئن دشمنن کان محفوظ رهي، ۽ هو فتحمنديءَ سان شهنشاهہ جي خاڪ مٽان زندهہ رهيو. جنهن، زبردست لفظن ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪجهہ هن طرح ڪيو هو: "ڪئليلينَس اسڪول جو سمورو زهر فقط هڪڙي يعني اٿنسيَس ۾ سمايل آهي"[134]

مون پنهنجي پوري خلوص سان ڪوشش ڪئي آهي تہ هڪڙي اهڙي سرشتي کي بيان ڪريان جنهن سان جولين گهربل اثر حاصل ڪرڻ ٿيو چاهي، پر هو پنهنجي غلطي مڃڻ لاءِ تيار نہ هو ۽ نہ وري اذيتن کي جاري رکڻ جي ندامت قبول ڪري ها. پر، جيڪڏهن جنون جي موتمار جذبي، هڪ نيڪ شهنشاهہ جي دل ۽ دماغ کي صفا بگاڙي ڇڏيو هو تہ ان موقعي تي ان ڳالهہ کي بہ ضرور مڃڻ گهرجي تہ عيسائين جون جائز تڪليفون ۽ اذيتون حقيقت ۾

انساني جذبن ۽ مذهبي جوش ۽ جنون جي ڪري وڏيون بہ هيون تہ اُنهن ۾ زهر پڻ ملايو ويو هو. انجيل مقدس جا جيڪي قديمي پوئلڳ هيا، اُنهن جي طبيعت جي نرمي توڙي صبر ۽ استقلال تي ڪين آفرين ملندي هئي ۽ ائين نہ ٿيندو هو تہ جانشين اُنهن جو نقل ڪن. عيسائي، جن ڪي هاڻي شهنشاهت جي شهري توڙي ڪليسائي حڪومت ۾ چاليهہ سال ٿي چڪا هيا، پنهنجي خوشحاليءَ تي گستاخي ۽ ڦوندہ ۾ پرجي چڪا هيا[135] ۽ هڪ عجيب منطق رکندا هيا تہ فقط بزرگن ۽ درويشن کي هن ڏرتيءَ تي راج قائم ڪرڻ جو حق هو. جيئن ئي جولين جي دشمنيءَ سبب پادرين ۽ پنڊتن کي خاص حقن، فائدن ۽ سهولتن کان محروم ڪيو ويو جيڪي ڪين ڪانسٽنٽائن جي وقت ۾ حاصل هيا تہ اُنهن هاءِ گهوڙا مچائي ڏني تہ مٿن ظلمن ۽ اذيتن جو دؤر شروع ٿي چڪو هو ۽ اُنهن جي نظر ۾ بت پرستن ۽ لادينن کي جيئڻ تہ آزاديءَ مان برداشت ڪيو ٿي ويو تہ اها ڳالهہ ڪٿر مذهبي ماڻهن لاءِ غير ۽ ناجائز روَيي واري هئي.[136] تشدد ۽ هنگامن جون ڪارروايون، جن جي پٺيراڻي مٿجسٽريٽن طرفان هرگز نٿي ڪئي وئي، ايجا بہ جاري هيون. پيسينس + جي هنڊ وٽ، سائبيل جي قربانگاهہ کي شهنشاهہ جي موجودگي ۾ تباهہ ڪري اونڌو ڪيو ويو ۽ ڪپاڈوشيا ۾ سزئريا جي شهر ۾ "بخت جو مندر" - هڪ اڪيلي جڳهہ جيڪا لادينن جي عبادت لاءِ ڇڏي وئي هئي، انکي بہ ڪاوڙ وارن هنگامن ۾ پوريءَ طرح تباهہ ڪيو ويو. اهڙن افسوسناڪ موقعن تي، هڪڙو شهنشاهہ، جنهن کي ديوتائن جي عزت ۽ احترام وڏيڪ عزيز هيا، انصاف جي فيصلن ۾ مداخلت هرگز نہ ڪري ها ۽ نہ ڪانئس اها توقع رکجي ها، جڏهن تہ هو سخت ڪاوڙ ۾ هو تہ جنونين ۽ فسادين، جنکي هنگامن برپا ڪرڻ ۽ ملڪيتن کي باهيون لڳائڻ تي بلڪل جائز سزائون ڏنيون ويون هيون، اُنهن کي ٿي وري نہ رڳو انعامن اڪرامن سان نوازيو وڃي پر ڪين شهادت جهڙا لقب بہ ڏنا وڃن.[137] جولين جي حڪومت جي عيسائين جا، شهنشاهہ جي دشمنين بابت سندن ڪنڌ پريا ويا هيا، جيئن تہ هو ان کان اڳي ٿي تعصب رکندڙ هيا تہ حڪومت جي هر ڪر ۾ ڪين عيب ۽ دشمني نظر ٿي آئي ۽ هر عمل کي شڪ ۽ ناراضگيءَ جي نظر سان ڏنو ٿي ويو. عام قانون جي نافذ ڪرڻ ۾، عيسائي، جن جي آدمشماري تمام گهٽي هئي، هر پيري سخت مذمت ڪرڻ جي لائق هيا، پر اُنهن جا جيڪي برادري وارا پائر هيا، بغير ڪنهن سبب يا دليل سمجهڻ جي، ڪين معصوم سمجهندا هيا، سندن شڪايتن کي جائز سمجهندا هيا ۽ جج جي سختي جي فيصلن کي غلط ۽ ڪيني تي ٻڌل سمجهندا هيا ۽ فرض ڪري ڇڏيو هيائون تہ ڪين اذيتون فقط انڪري ڏنيون پيون وڃن جو سندن مذهبي عقيدو ٻيو هو.[138] جيڪي موجوده تڪليفون هيون، توڙي جو ڪٽي برداشت ڪرڻ ڪان ٻاهر هيون، پر اُهي ائين ڪٽي سمجهجي تہ جيڪي مصيبتون ايجا مٿن اچٽيون هيون تہ اهي اُنهن جي هڪ هلڪي جهلڪ هيون. عيسائي جولين کي ظالر ۽ مڪار حاڪر سڏيندا هيا جنهن پنهنجي بدلي وٺڻ جي عمل کي فقط تيستائين روڪيو هو جيستائين هو فارس جي جنگ کان واپس اچي. ڪين خطرو هو تہ جيئن ئي هو روم جي ڏارين دشمنن تي فتح حاصل ڪندو تہ هو پنهنجي خطرناڪ ٻهرو پيائي مان نڪري نروار ٿي ويندو ۽ پوءِ وڏن نمائش گاهن تي پادرين ۽ الله لوڪ گوشہ نشينن جي رت جون نهرون وهنديون ۽ عيسائي، جن جو عقيدو ڪنهن حد تائين ايجا بہ سلامت هو، پر پوءِ ڪين فطرت ۽ معاشري جي قدرتي ۽ فطري حقن کان بہ محروم ڪيو ويندو.[139] هُر ٻُهتان کي[140] جنهن سان هڪ مرتد جي شهرت کي زخمي ڪري سگهجي ٿو سندس مخالفن جي نفرت ۽ ڊپ سبب، سچو سمجهي ان تي انڌو اعتبار ڪيو

ويو ۽ اُنهن جي اجاين رڙين ۽ دانهُن شهنشاهه جي چڙ کي ويتر چوٽ چاڙهي ڇڏيو نه ته هو سندن عزت توڙي کين خوش رکڻ کي پنهنجي ڏيوتي سمجهندو هو. هنن ايا به پنهنجي ناراضگي ۽ احتجاج کي جاري رکيو ته سندن عبادت ۽ اکين مان وهندڙ ڳوڙها ئي، هڪ آمر حاڪم جي خلاف. سندن هٿيار هيا جنهن جي لاءِ هو بددعا ڏيندي چوندا هيا ته سندس ظلمن کان الله تعالىٰ به ڏکارو ٿيو هوندو ۽ اُهو ئي سندن انصاف به ڪندو. پر اُنهن مايوسيءَ واري عزم مان اظهار کيو ته سندن فرمانبرداري کنهن به ڪمزوريءَ جو نتيجو نه هئي ۽ انساني نيڪيءَ جي نامڪمل هئڻ جي صورت ۾، صبر جي کيفيت، جيڪا اصولن تي مبني هوندي آهي، تشدد ۽ اذيتن ذريعي اُها پوءِ ختم ٿي ويندي آهي. ان ڪالهه جو فيصلو ڪرڻ ناممڪن آهي ته جولين جو جوش جذبو، سندس انسانيت ۽ سڻائيءَ تي ڪيترو غالب اچي ها، پر اسان کليسا جي جوش ۽ طاقت جو ضرور اندازو لڳائي سگهون ٿا ۽ پوءِ يقين سان چئي سگهون ٿا ته شهنشاهه طرفان حضرت عيسىٰ (ع - س) جي مذهب جي مشعل اُجهائڻ جي ڪوشش کان اڳ، هو پنهنجي سڄي ملڪ کي خانه جنگيءَ جي تباهي ۽ بربادي‌ءَ طرف ڌڪي چڪي ها.[141]

باب - ڪيويهون
حاشين بابت وضاحتون

* (اميئينس مارسيلينس (395-330ع).

1. آءُ سندس ئي اظهارن يا بيانن منجهان ڪجهه اوهان جي آڏو پيش ڪندس جيڪي سندس مختصر مذهبي ڳالهه ٻولهه منجهان ڪنيا ويا آهن جيڪي شاهي دربار جي پادريءَ، هڪ دلير نقاد جي لاديني عقيدن جي مذمت ڪرڻ واسطي پاڻ وٽ جمع ڪيا آهن:

" آءُ ديوتائن کان ڊڄان ٿو ۽ ساڻن محبت ٿو ڪريان ۽ تہ ساڳي وقت سندن احترام پڻ ڪريان ٿو ۽ پنهنجي نسبت ۽ تعلق اُنهن سان اهڙيءَ طرح جوڙيان ٿو جيئن ڪو پنهنجن مهربان مالڪن، استادن، ماءُ - پيءُ ۽ دوستن سان رشتو نباهيندو آهي." بيان (vii, 212) - يوناني ٻوليءَ جي وسعت ۽ ڪشادگي ۽ سندس دلي جذبن ۽ عقيدت جي اظهار کي بيان ڪرڻ لاءِ ناڪافي هئي.

2. تقرير باز پنهنجي فصاحت بلاغت سان گڏ جوش جذبي ۽ ڪجهه هلڪوائيءَ سان بهشت، ڌرتي، انسانن، فرشتن جيئرن ۽ مئلن جي ذڪر سان گڏ وڏي ڪانسٽنٽيس جو ۽ تذڪرو ڪري ٿو (جيڪڏهن وٽس ڪا خبر يا ڄاڻ آهي تہ) ۽ هي هڪ لاديني اظهار جو طريقو آهي. هو هڪ بهادريءَ واري يقين سان پنهنجي اظهار جي پڃاڻي ٿو ڪري تہ هن هڪ بادگار جوڙايو آهي جيڪو هرڪيولس جي ٽنين کان گهٽ پائدار نہ آهي ۽ هر لحاظ سان مضبوط ۽ طاقتور آهي. ڏسو گريگري نازيانزين کي. (تقرير .. iii, 50, iv, 134)

3. ڏسو هي ڏکهي گارگند يا بد زباني، جيڪا گريگري جي تحريرن ۾ ناجائز طريقي سان ٻن بيانن يا تقريرن ۾ ورهائي وئي آهي (i, 49-134, پٽرس ۾ 630 ۾ چپيل). اها گريگري ۽ سندس دوست باسل (iv, 133) جولين جي مرڻ کان ڇهَ مهينا پوءِ ڇپرائي هئي جڏهن سندس مڙهه کي تارسَس نِيو ويو هو (iv, 120) پر جوويَن اڃا تخت تي قائم هيو. (iii, 54, iv, 117) مون هڪ فرانسيسي ماخوذ مان ڪافي مدد ورتي آهي انڪانسواءِ ليونس ۾ جيڪي 1735ع ۾ تبصرا ڇپيا هيا اُنهن ۽ منهنجي رهنمائي ڪئي آهي.

4. جولين، آرين بشپ جي احسانمنديءَ کي هرگز قبول نٿو ڪري، پر هو ڪڏهن ماروونيَس کي پنهنجو استاد ٿو ڪوٺي ۽ انجو احترام ٿو ڪري ۽ سندس تعليم ڏيڻ جي طريقي کي ۽ ساراهي ٿو جنهن سبب هنجا شاگرد سندس بيمثال ذهانت جي عقيدت ۽ محبت مان تعريف ڪن تا ۽ ساڳي وقت هومر جي مذهب کي ۽ واکاڻين تا. (مسوپوگن - صفحا 351 - 352).

5. گريگري نازيانزين (iii, 70) هن رَت جي پاڪ داغ ڏوئڻ جي لاءِ وڏي محنت ڪئي جيڪو شايد ٽئروبوليَر (مِٿراس فرقي جي جانورن جي قرباني جي رسم) سان لاڳاپيل هو. بٽرن (ڪليسائي واقعا - 361 - نمبر - 4,3)

6. جولين خود (تحريرون Ii, 434) اليگزئندريا وارن کي يقين ٿو ڏياري تہ هو عيسائي هيو (يقينن هو خلوص سان چئي رهيو هو) جڏهن هو پنهنجي عمر جي ويهين سال ۾ هيو.

7. ڏسو سندس عيسائي توڙي کليسائي تعليم، گريگري ۾ (iii, 58) سقراط (iii, 1) ۽ سوزومين (v, 2) . هو، پادري يا اڃا نه شايد درويش يا بزرگ جي درجي تي پهچندي، نيٽ ويچارو رهجي ويو.

8. جيڪو ڪر گٽلس کي ڪڍ لاءِ سنڌنيپو ويو هيو. وڏي محنت ۽ ڪاميابيءَ سان پورو ڪيو ويو. پر جيڪي جايون يا عمارتون جولين جي بي ادبيءَ وارن هٿن سان جوڙايون ويون هيون، اُنهن کي ان زمين سختيءَ سان رد ڪري ڦڏي ۽ کيرائي ڇڏيو. گريگري - (iii, 50, 60, 61 - باب - 26) اهڙو هر طرفو زلزلو جنهن کي ڪيترن ئي ماڻهن پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ انجو مشاهدو ڪيو هو، يقيني طور تي کليسائي آکاڻين ۾ اهو هڪ صاف ۽ وڏو معجزو هوندو.

9. فيلسوف (فريگمينٽ - ص - 228) اُنهن لوهن ڪڙن ۽ ڪڙولن تي طنز ڪو ڪري جيڪي فقط جنوني ماڻهن طرفان ٺاهيا ويا هيا (ڏسو ٽليمانٽ، کليسائي يادگيريون - ix, 661, 662) جنهن اهو وساري ڇڏيو هو ته انسان بنيادي طرح هڪ مانائتو ۽ ملڻو جلڻو هيو. لامذهب اهو فرض ڪو ڪري ته جيئن ته هنن ديوتائن کي پوڄڻ ڇڏي ڏنو هو تنهنڪري مٽن جنن پوتن جو مڪمل قبضو ٿي ڇڪو هو.

10. ڏسو جولين کي (آپد سائرل ۾ vi, 206, viii, 253, 262) "توهان اذيتون ڏيو ٿا" هو چوي ٿو. "اُهي تفرقي باز مئلن تي اهڙيءَ طرح ماتم نٿا ڪن جهڙيءَ ريت اوهان ڪيو ٿا." هو پاڻکي اهڙي دين جي مبلغ طور پيش ڪو ڪري جنهن وٽ برداشت ڪڍ جو جذبو موجود آهي، پر سندس نظريو اهو آهي ته عيسائين جي تثليث وارو فلسفو نه پال، نه حضرت عيسيٰ (ع-س) يا حضرت موسيٰ (ع-س) کان شروع ٿيو هو.

11. لبينيس - بيان - پئرينٽئلس - (9، 10، 232 وغيره) گريگري نازيانزين - تقرير (iii, 61) - يونئپ (وٽ سانسٽ - مئڪسيمو ۾ صفحا (68، 69، 70) جن کي ڪميلين ايڊٽ ڪيو آهي.

12. جديد فيلسوف هڪ رب ۽ گهٽن خدائن جي مختلف عقيدن ۽ تجربن کي وڏي ذهانت سان هڪ ٻئي سان ٻيڌايو آهي جنهن ذريعي انساني دماغ يا ته عقيدي ۾ وڌيڪ پڪو پختو ٿئي ٿو يا وري بنهه شڪن گمانن جو شڪار ٿي وڃي ٿو. ڏسو هيوم جا مضمون - (صفحا 457 - 444 - جن کي 1777ع ۾ ايڊٽ ڪيو ويو.)

*(خَسي ڪرائڻ جو عمل - سائبيل، آتِس سان پيار ۾ ڪاسي ويو جيڪو "فرجيا جو چوڪرو" هو ۽ کيس کنهن به ٻي سان شادي ڪرڻ کان روڪڻ خاطر، هن کيس اهڙ خاصيت کان محروم ڪري ڇڏيو هو.

13. اِڊائين ماءُ (سائبيل) ٻي پيونڪ جنگ دوران اتلي ۾ آئي. ڪلاڊيا جو معجزو - ڪنواري يا ڏيل ڏول واري عورت، جنهن روم جي عورتن جي وقار کي بيعزتو ڪندي پنهنجي عزت بچائي ۽ جنهن جو ثبوت شاهدين ۾ موجود آهي. (جيڪو جهاز سائبيل جي تصوير کي کڻي ٿي آيو اُهو پاڻيءَ ۾ ڪٽي ڪاسي ڏيو. ڪلاڊيا جيڪا سَتي جتي ڪنواري هٿي پر مٽس ڪنوار پڻي ٽوڙڻ جو الزام هو، پنهنجو زناڻو پٽو کولي ان سان جهاز کي ٻڌي سلامتيءَ سان ڪناري تائين پهچايائين. هن زبردست معجزي کي سندس معصوميت جو ثبوت سمجهيو ويو) هي شاهديون ڊرئڪنبورچ مان هٿ ڪيون ويون پر اسان اهو به ڏسون ته لِوي (xxix-14) هن سڄي معاملي تي شڪ جو اظهار ڪري ٿو.

14. آڏ جولين جي جذباتي ۽ زوردار لفظن کي هتي دهرائڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهان: "اهو مونکي وڌيڪ بهتر ٿو لڳي ته شهرين جي شاهدين تي ويساهه ڪريان ۽ نه اُنهن مڪار ماڻهن تي جن جا پتڪڙا ذهن جيڪو ڪجهه سوچين ٿا اُهو

سيڪجهه افسوسناڪ آهي پر اُهو ڪجهه نٿا سمجهن جيڪو فائديمند آهي." (تقرير 161-v) - جولين ساڳيءَ طرح ائنسيليا ۾ پنهنجي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪري ٿو. جيڪي پاڪ شيلڊون هيون ۽ بهشت مان ڦٽونل ٽڪرين تي هيٺ لٽيون هيون ۽ عيسائين جي انڊائپ تي افسوس جو اظهار ڪري ٿو ته اُهي صليب کي، هنن جنت جي ٽرافين جي پيٽ ۾ وڌيڪ اهميت ڏين ٿا. (اَپڊ - سائرل19 ,vi)

15. ڏسو تشبيهه جو اصول جولين ۾ (تقرير 222 ,216 ,vii) - سندس دليل گهٽ ۾ گهٽ جديد مذهبي مبلغن کان گهٽ، ڪمزور ۽ اجايا آهن، جيڪي چوندا آهن ته هڪ مٽاهون يا تضاد وارو اصول خدائي هوندو آهي چو ته ڪو زندهه ماڻهو ان اصول کي ايجاد ڪرڻ جو سوچي به نٿو سگهي.

16. يونٽيپَس هنن مفڪرن کي هڪ طرفي ۽ جنوني تاريخ سڏيو آهي ۽ بُرڪر جهڙي عالم (فلسفي جي تاريخ 217 ,ii) (303 - وڏي محنت ڪئي آهي ته سندن اڻجاتل زندگين ۽ نه سمجهه ۾ ايندڙ اصولن کي ڪجهه واضح ڪيو و ي.

17. جولين (تقرير - 222 - vii) - هو وڏي جذبي ۽ خلوص مان قسر کٽي ٿو ۽ ساڳي وقت ڏکي به ٿو ته مسان هنن مقدس رازن کي هو ڪجهه وڌيڪ ڪولي ڇڏي جنهن تي لادين ٽوڪون ڪن ۽ ناپاڪ طريقن سان طنز مان ڪِلن ۽ ڏنڊيون ڪن.

18. ڏسو جولين جي پنجين تقرير. ۾ سپيئي تشبيهون جيڪي افلاطون جي فلسفي جي اسڪول مان جاري ٿيون هيون اُنهن جو مقابلو ڪيٽولس (54-87-ق-م) جي هڪ نديڙي شعر سان به نٿو ڪري سگهجي، پلي ڪٽي موضوع به ساڳيو ئي ڇو نه هجي. آٽِس جي جهنگلي جذبن منجهان مدبراٽي ۽ غمگين شڪايت جي تبديليءَ جو عمل يقيني طور تي ماڻهوءَ کي رحم تي ۽ ڪڏڻي کي افسوس ڏانهن مائل ڪري ٿو.

19. جولين جي صحيح مذهب کي سيزرس منجهان معلوم ڪري سگهجي ٿو (ص - 308) جنهن ۾ اسپانير جا حاشيه ۽ وضاحتون به شامل آهن جيڪي سائرل جي ٽڪرن ۾ آهن ((ii, 57, 58 خاص طرح مذهبي تقريرون جيڪي سولر ريجر (صفحا - 158 - 130) ۾ آهن ۽ اعتماد ۽ دوستيءَ ۾ منهندار سئلسٽ ڏي لکيل آهن.

20. جولين هن وڏي تخيل کي پنهنجي گهٽگهري مارڪَس ائنٽونينَس ڏانهن منسوب ٿو ڪري (سيزرس - ص - 333) اسٽائڪن ۽ افلاطونين، جسمن جي هڪ جهڙائي ۽ روحن جي پاڪيزگي تي دليل ڏيندي ڪجهه هٻڪ ٿي محسوس ڪئي، تنهن هوندي به مدبر فيلسوفن ارسٽوفينس ۽ ليوسيَن جي هڪ طرفي تصور سان پنهنجن خيالن کي هم آهنگ سمجهيو ته جيڪي عقيدو رکن ٿا نٿا ته اُهي شايد لاڳاني ديوتائن کي به نٿا مڃين - (ڏسو اسپانير جو مشاهدو - ص - 284، 444 وغيره).

21. جولين (تحريرون xIi) - هڪ ٻي جڳهه تي (اپڊ - سائرل 69 ,ii) - هو چوي ٿو: "مسيحُ خدا ۽ الله جو تخت." جولين جو "افلاطوني - ٽن" ۾ اعتقاد هو پر هو عيسائين تي فقط انڪري الزام ٿو مڙهي ته هنن فانيءَ کي لاڳاني تي ترجيح ٿي ڏني. (لوگوس).

22. يونٽيپَس جا فيلسوف ايترائي معجزا ڪري ٿا ڏيکارين جيترا صحرا جا بزرگ ۽ درويش ڪن ٿا. فقط هڪ ڳالهه اُنهن جي حق ۾ هيءَ آهي ته اُهي غمگين گهٽ نظر اچن ٿا. بجاءِ شيطانن يا بدروحن جي جن کي سِگُّ ۽ پُڇَ ٿين ٿا.

لئمبليڪس، پيار جي جن - اروس ۽ ائنٽيروس کي پڻ چشمن منجهان سڏي ورتو هو. ۽ خوبصورت چوڪرا پاڻي منجهان ظاهر ٿي پيا، پيار منجهان ڪيس پنهنجو پيءُ سمجهي ياڪر پاتائونس ۽ پوءِ سندس حڪر تي گر ٿي ويا. (صفحا - 26،27)
* (فوق الفطرت وسيلو).

23. هنن فيلسوفن جي ڏڙتيءَ واري انتظام، جن پنهنجن اعتبار ڪندڙ شاگردن کي پنهنجن هٿن ۾ ڪيڏايو هو، جو ذڪر اسان سان يونئيپيس ڪيو آهي. (صفحا - 76 - 69) جنهن مان ڪنهن به قسر جي شڪ جو انديشو نه ٿو ٿئي. ابي ڊي لابليٽري جيڪو سڀڪهه سمجهي ٿو، تنهنڪري ان سڄو مزاحيه قصو صاف صاف بيان ڪري چڏيو آهي. (واءِ ڊي جولين - صفحا - 67-61)
+ (اتيڪا ۽ هڪ شهر).

24. جڏهن جولين بي خياليءَ وچان صليب جو نشان ڌاهيو ته بدروح هڪدم غائب ٿي ويا. (گريگري نازيانزين - تقرير iii, 71) -گريگري اندازو ٿو لڳائي ته اُهي ڊڄي ويا هيا پر پادرين چيو ته اُهي ناراض ٿي ويا هيا. هر پڙهندڙ پنهنجي پنهنجي عقيدي موجب ان پراسرار سوال بابت پاڻهي فيصلو ڪندو.

25. خوفن ۽ خوشين بابت هڪ غير واضح ۽ ڏورانهون نظريو، ڊائن ڪرسوسٽم، ٽيمسٽيس، پروڪلس ۽ اسٽوبيس طرفان پيش ڪيو ويو آهي. ڊوائين ليگيشن جي فاضل مصنف پنهنجن لفظن جي نمائش ڪئي آهي،(1239,247,248,280- جنهن کي 1765ع ۾ ايڊٽ ڪيو ويو) ۽ جنهن کي هو وڏي هوشياري يا زبردستيءَ سان، پنهنجي نظريي سان لاڳو ٿو ڪري.

26. جولين جي حيادار طبيعت، ڪيس ۽ جبور ڪيو ته اُهي ڳالهيون ڪليو ڪليو بيان نه ڪري جن جا ڪجهه اشارا رازداريءَ ۾ ڪيس مليا هيا، پر لبئنيس وڏي خوشيءَ سان اُنهن رازن ۽ رازداريءَ واري ڳالهين جو ذڪر وڏي تفصيل سان ڪري ٿو جن جو تعلق سندس دوست ۽ مذهبي سپوت سان هيو. (ليگيشن ائڊ جولين - ص - 157 ۽ تقريرون. (Ixxxiii, 309, 310.

27. لبينيس تقريرون (x, 233, 234) - گئلس وٽ سبب هيا ته هو پنهنجي پاءُ جي مخفي طرح مرتد ٿيڻ تي پنهنجي شڪ جو اظهار ڪري، ۽ هڪ خط ۾ جنهن کي اصلي سمجهيو وڃي ٿو، هو جولين تي زور ٿو پري ته هو پنهنجن ابن ڏاڏن جي مذهب سان لاڳاپيل رهي، پر هي دليل اهڙو هو جنهن کي اثرائتو نٿو چئي سگهجي. (ڏسو جولين - ص - 454 ۽ هسٽري ڊي جوويين (ii, 141

* گريگري (iii, 50) ڪانسٽنٽيس جي، جنون واري جذبي جي ڪجهه زياده سختيءَ سان مذمت ٿو ڪري ته هن ننڍڙي مرتد جي حياتي ڇو بچائي. سندس فرانسيسي مترجم (ص - 265) احتياط منجهان ٻڌائي ٿو ته اهڙن ڪاوڙ ۾ چيل جملن کي هوپرو اُنهي مطلب سان نه ورتو وڃي جيئن اُهي چيا ويا هيا.

29. لبينيس. پدري تقريرون. (ix, 233)

30. فئبريشيس (سوانح - 90 - 88 ,v, iii) لاردنر (لادني يا ڪافراٽيون شاهديون (iv, 44-47) جن ۾ عيسائين خلاف جولين جي تحريرن کي درست طرح سان گڏ ڪري شايع ڪيو ويو آهي.

31. جولين جي مرڻ کان ستر سال پوءِ، هن هڪ ڪر ڪيو جيڪو سائيڊ جي فلپ ڪمزور طريقي سان شروع ڪيو هو جيڪو خود هڪ نفرت لائق ليکڪ هو. هن سلسلي ۾ ته سائرل جي ڪر کي به ججن طرفان غير اطمينان بخش سمجهيو ويو آهي ۽ ابي ڊي لابليٽري (تاريخ جي مهاڳ - ص - 30،32) ۾ پنهنجي خواهش جو اظهار ڪيو آهي ته ڪو مذهبي فيلسوف ٿي جولين سان مهاڏو اٽڪائيندو ۽ ڪيس کُتا جواب ڏيندو.

32. لبينيَس (پدري تقريرون (Ixxxvii, 313) جنهن تي شڪ ڪيو ويو آهي ته هن پنهنجي دوست جي مدد ڪئي هئي ۽ هو قدرتي فيصلي کي وڌيڪ پسند ٿو ڪري. (تقريرون ix - جولين ۾ ص - 255، ايڊٽ ٿيل (iii, 23) ۾ لبينيَس تي هڪ مري ويل شهنشاهه جي خوشامد ڪرڻ جو الزام نٿو مڙهي سگهجي.

33. (پدري تقريرون (iviii, 283 284) ۾ پنهنجي شاهي دوست بابت سندس ورتاءِ جا برداشت ڪرڻ وارا اصول کولي بيان ڪيا ويا آهن. بوسترا جي ماٿهن ڏانهن پنهنجي لکيل خط ۾ جولين (خط Iii) - پنهنجي حيا واري طبيعت بابت پاڻ اقرار ڪري ٿو ۽ پنهنجن جذبن کي ترڪ ٿو ڪري جنهن کي اميئينس پڻ مجيو آهي ۽ گريگري انکي وائکو ڪيو آهي. (تقريرون - 72 .iii,

34. يونان ۾ منروا جا مندرَ سندس ترت حڪمن تي، ڪانسٽنٽيَس جي مرڻ کان اڳ کوليا ويا هيا. (لبينيَس - تقريرون - 280،55) جولين، پنهنجي هڪ بيان ۾ جيڪو هن يونان وارن کي جاري ڪيو هيو، پاڻ کي هڪ لادين ٿو چوي. هيءَ ناقابل - ترديد شاهدي، اميئينَس جي اُبهري اظهار کي شايد ٺيڪ ڪري ڇڏي جيڪو قسطنطنيه کي هڪ اهڙي جڳهه سڏيندو هو جتي خدائن ۽ ديوتائن سان سندس ويجهي ناتي هئڻ جو الهام متس مڙهيو ويو هو.

35. اميئينَس (xxii, 5) سوزومين" (v,5) جانور مري چڪو آهي ۽ امن ۽ سڪون واپس اچي ويو آهي..... سيبيٽي پادري جنکي پنهنجن جُهڳن ۽ گهرن مان نيڪالي ڏني وئي هئي، پنهنجين ڪليسائن ۽ گهرن ڏي موٽي ويا جن پنهنجي نئين حاڪر جا ٿورا مجيا." جيروم (ii, 143) آپٽئٽس، ڊونيٽسٽن کي ٽوڪي ٿو ته هو پنهنجي حفاظت ۽ سلامتيءَ کي مرتدن جي پلائيءَ جو نتيجو سمجهن تا - ii, 16, 36, 37) جنهن کي ڊيوپن ايڊٽ ڪيو)

* (پادري جنهن جانورن جي آندن گوندن کي چگي طرح ڏڏو هو).

36. لادينن جي عبادت کي جولين پاڻ بيان ڪيو آهي، (مسوپوگن - ص - 346) لبينيَس (پدري تقريرون 60، 286، 287 ۽ جولين جي تقرير - صفحا 246 - 245 جنهن کي موريل ايڊٽ ڪيو) اميئينَس (xxii,12) گريگري نازيانزين (تقرير iv, 121) - هي سيبيٽي ليکڪ بنيادي طرح نندڙين ڳالهين ۽ حقيقتن سان متفق آهن پر مختلف نظرين ۽ زاوين، جن سان هو جولين جي انتها واري عقيدي جو جائزو وٺن تا، اُنهن ۾ پنهنجي واکاڻ، جذباتي تعريف، ٿورو نندڻ ۽ ٿورو گارگند به شامل آهي.

37. ڏسو جولين کي مڪتوبات ۾ (xIIix, Ixii, Ixiii) ان کانسواءِ تحرير جو هڪ ڏڳهو ٽڪرو جنهن جي نه ته انتها ٿي ڏسجي ۽ نه ابتدا (صفحا - 305 - 288) وڏو پادري، حضرت موسيٰ (ع-س) جي تاريخ تي چٽرون ٿوڪري ته ساڳي وقت عيسائين جي نظم ۽ ضبط تي به طنز ٿو ڪري. هو عبراني (يهودي) پيغمبرن جي مقابلي ۾ يونان جي شاعرن کي وڌيڪ پسند ٿو ڪري ۽ وڏي هنر ۽ عقلمنديءَ سان بتن جي پوڄا تي نرمي اختيار ٿو ڪري.

38. ناپاڪ فرقن ۽ سندن تحريرن تي جيڪي پنهنجي اهميت وڃائي چڪيون هيون، جولين، جو بيحد سرهو ٽيڻ پلي ڪليسائي معيارن سان هر آهنگ هجي، پر اهو جولين جهڙي فيلسوف کي نڏو سونهين تہ اُهي خيال يا نظريا جيڪي سندس خيالن کان مختلف يا انجي متضاد هيا تہ اُنهن کي انسانذات جي ڄاڻ ۽ علم ۾ آڻڻ کان روڪيو وڃي.

39. ان جي باوجود هو ترغيب ڏئي تہ عيسائي خيرات جي بهاني تي ٻارن کي پنهنجي مذهب ۽ والدين کان برغلائيندا هيا، اُنهن کي جهازن تي کڻي ويندا هيا ۽ اُنهن کي ڏورانهن ڏيهن ۾ موڪلي کين يتيمي ۽ مفلسي جي زندگي گذارڻ تي مجبور ڪندا هيا. (ص - 305) جيڪڏهن هي الزام ثابت ٿي وڃي ها تہ پوءِ اهو سندس ڪم نہ هيو تہ هو شڪايت ڪري ها پر سزا ڏئي ها.

40. "گريگري ناريانزين فضول طنز ڪندڙ، ذهين ۽ دليل باز آهي" (تقرير 102 ,101 ,iii - وغيره) هو اجائي نقل ڪرڻ تي سخت لفظن ۾ ٽوڪي ٿو ۽ ان ڳالهہ جي ڇڄا ڳاڇا ڪرڻ ۾ دلچسپي وٺي ٿو تہ فرضي يوناني ڪهاڻين مان آخر ڪهڙا اخلاقي يا ديني فائدا حاصل ڪيا ويا هيا.

41. هو هڪ پادري کي عيسائي پادرين ۽ نائب پادرين سان ڳجهيءَ طرح ساز باز ڪرڻ جو الزام ٿو ڏئي. (تحرير Ixii) "اسانجي مذهبي پائرن ۾ ديوتائن طرف ايتري ۽ ايڏي بيرخي ۽ لاغرضائي آهي جو اسان ..... وغيره" (تحرير - Ixiii)

42. هو ڪئلگزين جي وفاداريءَ جي تعريف ٿو ڪري جيڪا سيريس جي پادرياڻي هئي جنهن کي پينسلوپ وانگر بہ دفعا آزمايو ويو هو جنهن ۾ هوءَ ڪامياب رهي. سندس وفاداريءَ سبب ڪيس پيسينَس ۾ فرجيا جي ديويءَ جي پادرياڻي هئڻ جو اعزاز ڏنو ويو. (جولين - تحريرون xxi) - هو هيراپولس جي سوپارٽر جي مستقل مزاجي ۽ عقيدي جي پختگي جي بہ بيحد تعريف ڪري ٿو جنهن کي ڪيئي پيرا ڪانسٽنٽيَس توڙي ڪئلَس طرفان پنهنجي مذهب مٽائڻ جي آڇ ڪئي وئي هئي. (تحرير - 401) . ,xxvii)

43. ڏسو پدري تقريرون - 302، 77) ساڳيائي جذبات ڪيترائي دفعا جولين توڙي لبينيَس طرفان ظاهر ڪيا ويا آهن جنهن ۾ سندن ڪيترا ٻيا ساٿي بہ شامل آهن.

44. شهنشاهہ جي تجسس توڙي سندس سادگيءَ کي، جنهن اڳڪٿين جي ڪيترن ئي طريقن کي آزمائڻ چاهيو هو، اميٿينَس طرفان ٽوڪيو ويو آهي. (xxii, 12)

45. جولين (تحريرون xxxviii) - ٽي ٻيون تحريرون (xv, xvi, xxxix) جيڪي دوستي ۽ اعتماد جي ساڳئي لهجي ۾ آهن ۽ فيلسوف مئڪسيمَس کي مخاطب ٿيل آهن.

46. يونئپيَس (ميڪسيمو ۾ - صفحا - 77، 78، 79 ۽ ڪرسٽٽيو ۾ صفحا - 147، 148) هنن ٽوٽڪن ۽ قصن کي باريڪ بينيءَ سان ملائي ٿو. ان جي باوجود هو مئڪسيمَس جي ڪمزورين جو بہ ذڪر ڪري ٿو. قسطنطنيہ ۾ سندس شاندار استقبال جو ذڪر لبينيَس وضاحت سان ڪيو آهي. (پدري تقريرون - 86 - صفحو 301) ۽ اميٿينَس. (xxii, 7) ڪرسٽٽيَس، جنهن لڊيا کي ڇڏڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو، کي صوبي جو وڏو پادري مقرر ڪيو ويو. انقلاب کانپوءِ، سندس محتاط ۽ مائيٽي طبيعت سندس حفاظت ڪئي ۽ هو سڪون ۽ اطمينان سان رهيو: جڏهن تہ

مئڪسيمس ۽ پرسڪس وغيره کي عيسائي وزيرن طرفان اذيتون پهچايون ويون. (بُرڪر طرفان شايع ٿيل، انهن فيلسوفن جي جدوجهد ۽ ڪارگذارين بابت تحريرن کي ڏسو. (ii, 281 - 293).

48. ڏسو لبينيس (پدري تقريرون - باب - 102، 101 - صفحا (324، 325، 326 ۽ يونئپيس - فيلسوف - ص - 126) ڪجهه شاگرد، جن جون اُميدون وڌيون ۽ اجايون هيون، ڪاوڙ ۾ پنتي هٽي ويا. (گريگري نازيانزين - تقرير - iv, 120) اهو عجيب ٿو لڳي ته اسان ٽليمانٽ جي ڪجهه بابن جي ترديد نه ڪري سگهيا آهيون. (شهنشاهن جي تاريخ - iv, 960) جولين جو گهر سدائين فيلسوفن ۽ رولاڪن سان پريو پيو هوندو آهي."

49. ليوس XIV - جي حڪومت جي دؤر ۾ رعيت جي سيني ماٹهن کي "تبديل ڪندڙ" جي رتبي ماٹڻ جو وڏو شوق هو جو ته هو انکي وڏي جذبي جو ڪر ۽ ڪاميابي سمجهندا هيا ته هين ماٹهن جو مذهب بدلائي پنهنجي مذهب طرف راغب ڪن. هي لفظ توڙي اهڙي قسر جا خيال به هاٹي فرانس ۾ فضول ۽ بي معنيٰ ٿي ويا آهن. آس اِها آهي ته اهي اجايا خيال انگلنڈ ۾ جيئن ٻيهر ڪڍهن به رائج نه ٿي سگهن.

50. ڏسو لبينيس جي اظهار جو زبردست طريقو جيڪو شايد جولين سان ملندڙ جلندڙ آهي. (پدري تقريرون - 59، 285).

51. جڏهن گريگري نازيانزين (تقرير , X - ص - 167) اها خواهش ڪري ٿو ته پنهنجي حڪيم پاءُ سزئريس جي انهن ڪوششن کي ساراهي جيڪي هن عيسائيت جي نالي کي مٽاهين ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪيون هيون ۽ ساڳي وقت هو اهو به چوي ٿو ته سزئريس پنهنجي هڪ طاقتور دشمن سان مهاڏو اٽڪايو هو. "هو جنگ ۾ وڏيڪ طاقتور ۽ دليلن ۾ تمام هوشيار آهي." هو پنهنجي گارگند ۾ مشڪل سان مرتد کي مزاح يا همت جي ڪنهن نندي حصي کي به استعمال ڪرڻ جي اجازت نٿو ڏئي.

52. جولين (تقريرون , xxxviii - اميئينس - 12 ,xxii) مذهبي شهنشاهه ۽ ناراض تاريخدان ساڳئي منظر کي ٻئي بيان ڪن ٿا ۽ اليريڪر توڙي ائننئڪ ۾. ساڳين سببن ساڳيا نتيجا ڏنا.

53. گريگري (تقرير - (86 - 83, 75, 74, iii) لبينيس (پدري تقرير ,Ixxxii, Ixxxi - صفحا - (307، 308 "فيلسوف، فوجين جي مذهبي تبديليءَ جي الزام کي پنهنجي سر تي کڻي ٿو ۽ ان ڪر لاءِ پنهنجي طرفان پورو جواز به پيش ڪري ٿو."

54. جولين جو خط (XXV) يهودين جي برادري کي لکيل آهي. ائلبس (وينيٽ - 1499) انجي لاءِ چيو آهي. (جيڪڏهن اهو سچو ۽ اصلي آهي) پر هن داغ کي ايندڙ ايڊيٽرن پتاويس ۽ اسپانير ڏوئي صاف ڪري ڇڏيو آهي. هن خط جو ذڪر سوزومين به ڪيو آهي (v,22). انجي مقصد جي گريگري تصديق ڪري ڇڏي آهي. (تقرير iii, iv) ته ساڳئي وقت جولين پڻ اها ڳالهه مڃي آهي. (اقتباس - ص - 295).

55. مٿنا (گهٽو ڪري مٿنا جيڪو انجيل بابت يهودين جي تبصري جو ڪتاب آهي) اُنهن ماٹهن لاءِ موت جي سزا جو اعلان ڪيو ويو جن پيڙهه يا بنيادن کي ڇڏي ڏنو هو. جذبات جي فيصلي کي مارشير پاران تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. (تاريخوار واقعا - ص - 161، 162 جنهن کي فول، لنڊن ۾ 1672 ۾ ايڊٽ ڪيو ۽ بسنيج (جوئنس جي تاريخ 120 ,viii) ڪانسٽنٽائن کي يهودي مذهب اختيار ڪرڻ کان بچائڻو هو. (ٿوڊوسين ڪوڊ ,xvi, viii, 1 ---- گوڊفراءِ. 215 ,vi) -

56. مٿگنينٽيَس جي خاڪ جنگي دؤران ..... تڏهن يهودين جي بغاوت کڙڪ تي کين کچليو ويو جن دغا ۽ ذلت جو مظاهرو ڪندي پٽريشيَس کي خود مختيار حاڪر چونڊڻ جي سلسلي ۾ سندس مدد ڪئي هئي. (آريليس وڪٽر ڪانسٽنٽائن ۾ - باب { xIii - تليمانٽ - شهنشاهن جي تاريخ -iv, 379)

57. ٽائبيريَس جي شهر ۽ انجي يهودين جي عبادت گهر کي ريلنڊ (فلسطين ۾) سڀي نموني بيان ڪيو آهي (ii, 1036-1042).

58. ڪانسٽنٽائن ۽ سندس جانشينن جي حڪومت جي دؤر ۾ بسنيج يهودين جي حالت بابت پوري وضاحت سان لکيو آهي. (viii, iv, III, 53).

59. ريلنڊ (فلسطين ۾ i, 309, 390, iii, 838) - جيروسلر ۽ هڪ پرپاسي واري ملڪ بابت خوبصورت وضاحت ۽ ڇاڻ سان لکيو آهي.

60. مون ايڊورڊ ائنول جي هڪ اهر ۽ تحقيقي مضمون کي چگيءَ طرح پڙهيو آهي (قدير جيروسلر، جيڪو پٽرس ۾ 1747 ۾ ڇپيو، انجو صفحو - 75) ان مطابق قدير شهر جو چؤ طرف دائرو (يوسيبيَس - اوئينجل ix, 36) ستاويهه اسٽڊيمس يا 2550 ٽئاسز هو. هڪ تعميري خاڪو جيڪو ان جڳهه تي ڪڍيو ويو، ان مطابق، ڪنهن به جديد شهر جو دائرو 1980 کان مٿي نٿو ٿئي. سرڪٽ کي فطري ۽ واضح نشانين سان بيان ڪيو ويو آهي تنهنڪري ان بابت نه ته ڪا غلط فهمي ٿي سگهي ٿي نه وري ان کي هٽائي سگهجي ٿو.

(* نوٽ: ڪتاب جي فاضل مصنف اسٽڊيا يا اسٽڊيمس ۽ ٽئاسز بابت جديد دؤر جي هڪ جيتري ماپ بابت ڪابه وضاحت ڪانه ڪئي آهي، تنهنڪري آءُ هن سلسلي ۾ ڪو به وڌيڪ تفصيل نه ٿو ڏئي سگهان. (سنڌيڪار).

61. ڊسو جيروم ۾ به اهر ٽڪرا (i, 102, vi, 315) تليمانٽ طرفان ڪافي تفصيل (شهنشاهن جي تاريخ i, 569, ii, 289, 294)

62. يوسيبيَس، وٽ ڪانسٽنٽائن ۾ (iii, 25-47, 51-53) اهڙيءَ طرح شهنشاهه، بيٽليم، زيتون جي جبل ۽ مئمبر جي شاهه بلوط ۾ ڪليسائون تعمير ڪرايون. سئڊس، مقدس قبرن جو ذڪر ڪيو آهي (مسافريون - صفحا 133-125) جنهن جو صاف نقشو لي بريون ڪڍيو آهي (سامونڊي سفر - صفحا - 296 - 288).

63. بورڊيڪس کان جيروسلر جا تفصيل سال 333ع ۾ جمع ڪري شايع ڪيا ويا هيا ته جيئن زيارتن جا خواهشمند ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن. جيروم، زيارتين منجهان انگريزن ۽ هندستانين جو ذڪر ڪري ٿو. وهمن وسوسن جي واڌاري جا سبب ويسلنگ جي مهاڳ ۾ وڌي تفصيل ۽ ڇاڻ منجهان لکيا ويا آهن. (تفصيل - صفحا - 545-537).

64. سسيرو (ڊي فنيبَس ۾ v, I) - انسانذات جي عقل ۽ ساڃاهه بابت خوبصورت نموني سان لکيو آهي.

65. بٽرونيَس (ڪليسائي واقعا - 326ع نمبر 50 - 42) تليمانٽ (ڪليسائي يادگيريون vii, 8-16) - صليب جي معجزاتي ايجاد جا تاريخدان ان واقعي کي اڻتي وڌائيندڙ آهن جيڪو ڪانسٽنٽائن جي حڪومت ۾ ٿيو هو. سندن پراڻن ۾ پراڻا شاهد پالينَس، سلپيشيَس سيورَس، روفينَس، ائمبروز ۽ شايد جيروسلر جو سائرل هيا. بورڊيڪس جي زيارتين بابت يوسيبيَس جي خاموشي اُنهن کي مطمئن ڪري ٿي جيڪي سوچين ٿا ۽ عقيدي رکندڙن کي پريشان ڪري ٿا ڇڏين. جارٽن جا مناسب اشارا ڏسو. (ii, 238-248).

66. تعداد جي هن واڌاري تي پالينس زور پريو آهي. (خط ۽ تحريرون ,xxxvii) ڏيوپن کي ٻـ ڏسو (کليسائي واقعا ۾ 149 ,iii) - جنهن سائرل جي تقرير جي جڏبن کي حقيقت ۾ تبديل کيو آهي. ساڳيو فوق النطرت حق ڪنواريءَ جي ڪير کي ٻ يقيني طور تي منتقل ڪيو ويو هوندو. (اراسمي اوپيرا جيڪو 1703 ۾ ڇپيو (778 ,i) جنهن ۾ بزرگ جو سِر ۽ پيا تبرڪات بيان ڪيل آهن ۽ جن کي ڪيترن ئي ڪليسائن ۾ رکيو ويو آهي.

67. جيروم (103 ,i) جيڪو بيٿليم جي ڳوٺ جي پسگردائيءَ ۾ رهندو هو. پنهنجي ذاتي تجربن مان، جيروسلم شهر ۾ رائج براين ۽ بچڑاين جو ذڪر ڪري ٿو.

68. گريگري، نِسن ۽ ويسلنگ (ص - 539) پوري تحرير، جيڪا مذهبي زيارتن جي فائدي يا نقصان بابت لکيل آهي، ڪٿولڪ عقيدتمندن لاءِ بيحد تڪليف ڏيندڙ ثابت ٿي آهي، جڏهن ته اُها وري پروٽيسٽنٽ عيسائين لاءِ مناسب ٻ آهي ته اڳ ۾ ئي ڇاتل سڃاتل پڻ آهي.

69. هن پنهنجا مذهبي مَتا ۽ حڪر ختر ڪري ڇڏيا ۽ هڪ راهب جي حيثيت ۾ ڪر ڪيو ۽ آريَنس جي حڪر تي ٻيهر پنهنجون ذميواريون سنياليائين پر وقت جي رفتار سائرل کي ٻ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ هن دانشمندي ڪندي نائسين عقيدي کي اختيار ڪري ورتو. تليمانٽ (کليسائي يادگيرين ۽ ٽام viii) - سندس ياد کي عزت ۽ نازڪ طريقي سان ورجائي ٿو، پر متن ۾ سندس نيڪين کي اڇلائي ٿو ڇڏي ۽ ڪوتاهين کي متن ۾ شامل ڪري ٿو ڇڏي پر اهڙيءَ طرح جيئن ڳالهيون يا واقعا اڻچتا رهن.

70. " هو پنهنجن شاندار ڪمن سبب، پنهنجي حڪمراني جي شهرت کي ڦهلائڻ جو خواهشمند هيو." (اَميئينَس ,xxiii,1) جيروسلم جو مندر غير يهودين ۾ پڻ گهڻو مشهور هو. هر شهر ۾ ڪيترائي مندر نهيل هيا، جهڙوڪ سائچر ۾ پنج، غازا ۾ اَٺ، روم ۾ چار سؤ چوويهه وغيره) ۾ يهودين جي دولت توڙي مذهب جو مرڪز هڪڙي ئي جڳهه هئي.

71. جولين جا مخفي ارادا گلائو سيسٽر جي بشپ واربرٽن ظاهر ڪيا آهن جيڪو هڪ وڏو ڇاڙو ۽ دليل باز هو، ۽ جنهن هڪ دين جي عالم جي مدد ۽ اختيارن سان الله تعاليٰ جي مقصد ۽ انجي روَيي تي روشني وڌي آهي. ان سڃي گفتگو جو عنوان، جولين، آهي (ٻيو ايڊيشن جيڪو 1751ع ۾ لنڊن ۾ ڇپيو) ان ۾ سڀ خاصيتون ۽ اهر نڪتا موجود آهن جن جو تعلق واربرٽن جي اسڪول سان آهي.

72. " آءِ پاڻ کي ميمونائيڊس، مارشير، اسپينسر، لي ڪلرڪ ۽ واربرٽن وغيره جي چپَر هيٺ محفوظ ٿو سمجهان، جن سهڻي نموني سان اڄاين وهمن وسوسن ۽ عقيدن جي خوفن، حماقتن ۽ فريبن کان جان ڇڏرائي ڇڏي آهي." ڏسو روحاني حڪر ۽ اصول 25 ,iv) وغيره).

73. جولين اقتباس - ص - 295) وڏي ادب ۽ عزت سان ڪيس (وڏو ديوتا) ڪوئي ٿو ۽ جتي ڪٿي ان جو جڏهن ٻ ذڪر ڪري ٿو ته احترام سان ٿو ڪري. هو عيسائين کي ٻ طرفو نندي ٿو ته پهريون ته هنن يهودين جي مذهب ۾ اعتقاد رکيو وري ان کي ڇڏي ڏنائون. سندن معبود برابر سچو هو پر اُهو اڪيلو خدا نه هيو. (اَپد سائرل . 306 ,305 ,ix) -

74. بادشاهَ - (63, 2 ,viii) تاريخون - (5 ,vii) يوسف (قديم يهودين جا قصا 431 ,4 ,viii - جنهن کي هيرَر ڪئمپ ايڊٽ ڪيو. جيئن ته ڪيترين ئي وڏين قربانين جو رت توڙي دونهون شايد نامناسب طريقي سان هوشياري ۽ چالاڪيءَ

وارو رهيو هجي، ته عيسائي مدرس ان معجزي کي منظر تان هٽائي ٿو ڇڏي. لي ڪلرڪ جرئتمنديءَ سان تعداد جي سچائيءَ تي شڪ ڪري ٿو.

75. جولين (تحريرون xxx, xxx) - لابليٽري، .هنن تحريرون منجهان هي نمبر وارين تي ڏيان نه ڏنو آهي.

76. گريگري نازيانزين ۽ يهودين جي جنون ۽ بي صبريءَ کي ڏسو. (تقريرون iv, iii ٽوڊوريٽ –iii, 20)

77. هيءَ مسجد حضرت عمر رضہ 644ع ۾ تعمير ڪرائي هئي جيڪو اسلام جو ٻيو خليفو هو. هيءَ عاليشان مسجد، يهودين جي مندر جي سڄي پاڪ ڪيل زمين جي ٽڪري تي پکڙيل آهي ۽ اندازي موجب 760 ٽئاسز يا هڪ رومي ميل چوڻس حصي تي ٿهيل آهي. ڏسو ڊي ائنول کي (جيروسلر ۾ – ص – 45).

78. اميئينس، جولين جي خيالن کي معلوم ڪرڻ ۽ اُنهن کي بيان ڪرڻ کان اڳ ۾، سفارتڪارن جي خيالن کي 363ع ۾ رڪارڊ ٿو ڪري. " هن مندر کي وڏي خوبصورتيءَ سان ٻيهر تعمير ڪرڻ لاءِ غور پئي ڪيو." واربرٽن جي اندر ۾ وري ان ڊزائن بابت هڪ ڳجهي خواهش موجود هئي، پر هنکي اڳيئن مثالن منجهان ڪافي تجربو ٿي چڪو هيو ته اُنهيءَ طريقي جي تعمير ۾ ڪيترائي سال لڳي وڃن ها.

79. پوين شاهدن، سقراط، سوزومين، ٽوڊريٽ، فلوسٽورجيس وغيره تصديق ڪرڻ بجاءِ وڌيڪ مغالطا ۽ تضاد پيدا ڪيا آهن. بسنيج جي اعتراضن جي پيٽ (جوئفس جي تاريخ – 68 – 157 viii) واربرٽن جي جواب سان (جولين – 258 – 174) ڪري ڏسو. پادريءَ وڏي ڏهانت سان، صليبن جي معجزاتي طور نازل ٿيڻ تي، پنهنجو تجزيو پيش ڪيو آهي ته ڪيئن اُهي صليبون تماشبينن جي ڪپڙن تي لٽيون هيون ۽ جيڪو چمڪاٽ اُنهن جي لهڻ سان پيدا ٿيو هيو، ان جا ماڻهن تي فطري اثر پئ ٿيا هيا.

80. ائمبروز ii, xI, 946) - جنهن کي بينيڊڪٽن ايڊٽ ڪيو. هن هيءَ جنوني تحرير 388ع ۾ فقط هنڪري لکي هئي ته هڪڙي پادريءَ جي ڪُٽي ڪر جو جواز پيش ڪري سگهي جنهن کي هڪ مئجسٽريٽ يهودين جي عبادتگاهه کي ساڙڻ جي الزام ۾ سزا ڏني هئي.

81. ڪرسوسٽم (i, 580) يوڊيوس ايٽ جنيٽس (ii, 574) سٽنڪٽو ٻٽيلا جنهن کي مانتناڪن ايڊٽ ڪيو. مون هڪ عام ۽ رائج مفروضي کي اختيار ڪيو آهي، پر هڪ عالم بينيڊڪٽائن، جيڪو هنن تحريرن کي سال 383ع تائين ولي وڃي ٿو، اعتماد سان چوي ٿو ته اُنهن کي ڪنهن عوامي پليٽ فارم تان اعلان ذريعي ظاهر نه ڪيو ويو هو.

82. گريگري نازيانزين (تقرير – 113 – 4, 110) "جنهن معجزي جي ڳالهه آءٌ اوهان کي ٻڌائڻ وارو آهيان، سو ڄاتل سڃاتل ۽ ايترو ته مشهور آهي جو اُنهن ماڻهن به ان تي شڪ ڪڍن به نه ڪيو آهي جيڪي هونئن خدا کي به نٿا مڃين."

83. امئينس (xxiii, I) - واربرٽن محنت ڪري (صفحا 90 – 60) جولين ۽ لبينيس جي واتان هڪ معجزي جو واقعو بيان ٿو ڪرائي ۽ هن سلسلي ۾ هڪ ديني مبلغ کي شاهد به بنائي ٿو جيڪو پندرهين صدي عيسوي ۾ رهندو هو. پر اهڙين شاهدين کي اُهو جج ئي مان ڏئي سگهي ٿو جيڪو مانائتو ۽ ساڳين خيالن جو هجي.

84. ڊاڪٽر لارڊنر، جيڪو عيسائي نقادن منجهان اڪيلو ئي آهي، هن معجزي جي سچائيءَ بابت پنهنجن شڪن شبهن جو اظهار ٿو ڪري. (يهودين ۽ ڪافرن جون شاهديون 71-47 ,iv) - جيروم جي خاموشي ان شڪ کي چٽو ڪري

ٿي ته معجزي جي ساڳي ڪهاڻي جنهن جي پري کان ته تعريف ڪئي وئي هئي پر جنهن جڳهه تي اُهو ٿيو هو، اُتي پهچي متان ان کي رد ڪيو وڃي يا بنهه نفرت ڪئي وڃي.

85. گريگري نازيانزين (تقرير ii, 81) - هن قانون جي تصديق خود جولين جي پنهنجي عمل ذريعي ٿي وڃي ٿي. واربرٽن مناسب نموني سان اندازو لڳايو آهي (ص - 35) ته افلاطون جا پوئلڳ لفظن جي پُراسرار چڳائيءَ ۾ يقين رکندا هيا، ۽ جولين جي حضرت عيسيٰ (ع - س) جي نالي کان نفرت ممڪن آهي ته وهمن وسوسن ذريعي يا وري سندس اندر جي بچان کان ٿي هجي.

86. ڏسو جولين منجهان هڪ تحرير جو ٽڪرو (ص - 288) هو گئليليَنس جي حماقت تي طنز ڪري: (تحرير-vii) پر برداشت جي اصولن کي وساري ڇڏي ۽ اُنهن جي خلاف پنهنجي خواهش جو اظهار ڪري.

87. "اهو منهنجي لاءِ مناسب ڪونهي ته آءُ اُنهن ماڻهن لاءِ ڪنهن فڪر يا رحم جو اظهار ڪريان جيڪي لافاني خدائن ۽ ديوتائن جي نظر ۾ نفرت جي قابل آهن." هي به سِبّون جن کي جولين تبديل ڪري پنهنجي سخت تعصب ۽ ڪٽرپڻي جو اظهار ڪيو آهي، (تحرير (xIix) حقيقت ۾ ايلَس جي هڪ تقرير منجهان ڪنيون ويون آهن جڏهن هن يوليسيز کي تازي هوا جي نعمت آڇڻ کان منع ڪئي هئي. (اوڊِسي x-73) - لبينيَس (پدري تقرير 286 - Iix) - هو پنهنجي هڪ طرفي روَيي جي دفاع ڪرڻ جي ڪوشش ڪري جنهن ۾ سندس ظاهري سچائي ۽ بيباڪيءَ جي پردن مان اذيت پسندي ليڪا پائي رهي آهي.

88. هي قانونَ جن مذهبي ماڻهن کي متاثر ڪيو هو، جولين جي هلت چلت جي هلڪن اشارن منجهان به معلوم ڪري سگهجن ٿا، (تحرير IiI) - جن کي گريگري پنهنجي هڪ فضول اظهار ذريعي پيش ڪيو آهي، (تقرير iii, 86, 87) - ته ساڳي وقت مثبت نموني سان انکي سوزومين (v,5) به بيان ڪيو آهي.

89. "جنهن ماڻهوءَ وٽ رحم جي رتي به نه آهي، ان کي دائمي خاموشيءَ ۾ وڃي دفنائجي." (اميئنَس، xxii, 10) xxv, 5

90. جاري ڪيل فتويٰ، جيڪا جولين جي تحريرن ۾ ايڇا تائين موجود آهي، کي گريگري جي ڏٺ لعنت سان پلي پيٽائي ڏسجي. (تقرير iii, 86) ٽليمانٽ (ڪليسائي يادگيريون vii, 1291-1294) قديمن ۽ جديدن جي اختلافن کي پاڻ وٽ جمع ڪيو آهي، اُنهن کي آسانيءَ سان هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي سگهجي ٿو. عيسائين کي ته سڏيءَ طرح سان پڙهائڻ يا سيکارڻ ۽ اڻ سڏيءَ طرح سکڻ کان روڪيو ويو هيو چو ته هو لادينن جي اسڪولن ۾ نه ويندا هيا.

91. ٿوڊوسين ڪوڊ (xiii, iii) جيڪو 17 جون 363ع ۾ شايع ٿيو هو ۽ اٽلي ۾ ساڳئي سال 29 جولاءِ تي پهتو هو جنهن ۾ گوڊفراء جون وضاحتون به شامل آهن .(v, 31) .

92. اوروسيَس پنهنجن اُنهن عزمن تي خوشيءَ جو اظهار ڪري جن ۾ هو گهڻ دلچسپي رکندڙ هيا. "جيئن اسانکي پنهنجن ابن ڏاڏن کان معلوم ٿيو آهي ته اُهي هر وقت ۽ هر جڳهه تي پنهنجا عهدا ۽ رتبا ته ڇڏي ڏيندا هيا پر پنهنجي دين يا عقيدي کي هرگز نه ڇڏيندا هيا" (vii, 30) .پروريسيَس، هڪ عيسائي فيلسوف، شهنشاهه جي هڪ طرفي مهرباني ۽ احسان کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. (هيرونم - تاريخوار واقعن ۾ - 185 جن کي سيليگر ايڊٽ ڪيو. يونٽپيَس - پروريسيَس ۾ - ص - 126)

93. اُنهن کي آساني ميسر هئي تہ هو پنهنجن اسکولن لاءِ ڪتاب لکرائي ونندا هيا. ٽورڙن ٽي مهينن ۾ اپولينارس، هومر جا عيسائي نقل مارڪيٽ ۾ آندا (هڪ مقدس تاريخ جيڪا[xxiv جلدن ۾ شايع ٿي) پندار، يوريپائيڊس ۽ مينندر تورڙي سوزومين بيحد مطمئن هيا تہ اهي ڪتاب، اصلي ڪتابن سان يا تہ برابريءَ ۾ بيٺا هيا يا ممڪن آهي اُنهن جي اهميت اڃا بہ وڌي وئي هجي.

94. اهي هدايتون جولين طرفان مٿجسٽريٽن کي مليل هيون (تحرير " . vii) - آءُ ان ڳالهہ تي زور ٿو ڏيان تہ اُنهن ماڻهن کي اهميت ڏني وجي جيڪي ديوتائن جو احترام ڪن ٿا." سوزومين (v, 18) ۽ سقراط (iii, 13) بہ گريگري جي سطح تي اڇي ويا آهن. (تقرير (iii, 95) - جيڪا ڳالهہ وڏاءَ تي گهٽ مائل آهي ۽ پنهنجي دؤر جي پڙهندڙن جي گهٽ ڄاڻ رکڻ سبب، ان کي روڪيو ويو آهي.

95. " هن ڏنو يا وري ديوتائن جي پسند تي روڪي ڇڏيو." لبينيَس (پدري تقريرون - 88، 314.)

96. گريگري نازيانزين (تقرير iii, 47, 91, 92 - سقراط iii, 14 - ٿوڊوريٽ iii,) - سندن جنونيءَ جذبي ۾ تشدد جي روَيي جون ڪجهہ ڪوتاهيون آهن پر ساڳي وقت اُهي جولين جي جنوني رجحان کان گهٽ هڪ هر طرفيون نہ آهن.

97. جيڪڏهن اسان لبينيَس جي نرم لهجي ڇي، (تقرير iii, 86, 87) گريگري جي ڇاڪاڻ ڪندڙ جذباتي لهجي سان پيٽ ڪنداسين تہ اسان جي لاءِ پاڻڪي يقين ڏيارڻ مشڪل ٿي ويندو ۽ سوچينداسين تہ ڇا ٿئي تقرير جا ماهر ساڳيا واقعا بيان ڪري رهيا هيا.

98. ريسٽن يا آرٿو سا جيڪي ٻئي ايميسا کان 16 ميلن جي مفاصلي تي هيا (هيمس) ۽ ايپيفنيا (هٿمٽ) جو بنياد پيو يا گهٽ ۾ گهٽ انجو نالو سليوڪس نڪيٽر رکيو هو. سندس خاص دؤر جو زمانو شهر جي تمغن موجب روم جي سال 685 کان شروع ٿئي ٿو. سلوسائيڊس جي زوال ۾، ايميسا ۽ آرٿوسا تي عرب سردارن جو قبضو ٿي ويو جن جا پويان روم وارن جا غلام وجي بڻيا ۽ جن کي وسپاسيان جي حڪومت ۾ بہ مطيع يا فرمانبردار نہ بنائي سگهيو ويو هو. ڏسو ڊي ائنول جا نقشا ۽ قديم جاگرافي (ii 134) ويسلنگ جا تفصيل بہ ڏسو - ص - 188) نورس، ايپڪ ۽ شام - مٿسيڊونيا بابت احوال پڻ ڏسو (صفحا - 482 80, 481m)

99. سوزومين (v, 10) اها عجب جهڙي ڳالهہ آهي تہ گريگري ۽ ٿوڊوريٽ اُنهن حالتن کي لکائن ٿا، جن، سندن نظرن ۽ خيالن ۾، حالتن کي تسليم ڪندڙن جي مذهبي لياقتن جو ضرور واڌارو ڪيو هوندو.

100. مارڪ جي تڪليفن ۽ سندس وفاداري، جن کي گريگري وڏي افسوسناڪ انداز سان بيان ڪيو آهي (تقرير - 91 - iii, 88) تہ انهن جي لبينيَس جي بي دلي واري شاهديءَ ذريعي پڻ تصديق ٿي وئي آهي. (تقريرون - 730 ص - 350-351 جن کي وولف ائمسٽل 1738ع ۾ ايڊٽ ڪيو) " مارڪ جنهن کي ٽنگيو ويو، ڪوڙا هنيا ويا ۽ سندس ڏاڙهي پٽي وئي، پر هن ظلم صبر سان سَٺا ۽ "هاٿي سندس رتبو ديوتائن جيترو مٿاهون آهي ۽ جڏهن بہ هو ظاهر ٿئي ٿو تہ سندس عقيدتمندن جا انبوهہ مچي ٿا وڃن."

101. " عيسائي ڪيس جوش ۽ عقيدت منجهان هڪ ولي يا بزرگ چوَن ٿا." شايد اهو انڪري آهي تہ لاڪروز ۽ وولفيَس هڪ يوناني لفظ جي تشريح ڪئي آهي جنهن جي اصلي معنيٰ ۽ مفهوم کي اڳين کي اڳين مترجمن غلط

لکيو آهي ۽ لي کلرڪ به ان ۾ غلطي ڪئي آهي (قدير ۽ جديد سوانح نگاري iii, 371) - ان جي باوجود تليمانٽ کي پڻ ان ڳالهه کي سمجهڻ ۾ مونجهارو ٿيو آهي (ڪليسائي يادگيريون vii, 1309) - ته گريگري ۽ ٽوڊوريٽ هڪ اڏوگابري آريَن شخص کي ولي يا بزرگ سمجهڻ جي غلطي ڪيئَن ڪندا.

102. ڏسو سئلسٽ جو هڪ مفروضي جهڙو مشورو. (گريگري نازيانزين - تقرير iii, 90, 91) - لبينيَس انهيءَ جهڙي ڏوهاريءَ جي سفارش ٽوڪري ته متان ان جهڙا ٻيا به مارڪ سامهون نه اچي وڃن، ان هوندي به هو اجازت ڏئي ٿو: جيڪڏهن اوريَن هڪ ارپيل دولت کي راز ۾ رکي ها ته پوءِ پاڻ کي سخت ترين سزا جو مستحق بنائي ها، شايد جيئري ئي ٽنڪا هٽي جسر تان سندس ڪلَ لاٿي وڃي ها. (خط ۽ تحريرون - 730, 349-351)

* (باب 19 ۾، گبن، گريگري نازيانزين جي شاهديءَ جو حوالو ٿو ڏئي ته جولين کي سپاهين جي تشدد ۽ مار کان آرٽوسا جي پادريءَ بچايو هو جڏهن ڪانسٽنٽيَس شهنشاهه بڻجي ويو هو.

103. گريگري (تقرير iii, 90) - مطمئن آهي ته مرتد کي بچائيندي، مارڪ حقيقت ۾، ان کان به ٻيٽي - ٽيٽي سزا جو مستحق هو جيڪا هو اڳ ۾ پوڳي چڪو هو.

104. وٽن جو جهڳڙي ۽ ڍانڍ جي مندر کي اسٽرابو بيان ڪيو آهي (xvi, 1089, 1090). جنهن کي 1707ع ۾ ائمسٽل ايڊٽ ڪيو. ان کانسواءِ لبينيَس (نينيا صفحا 185، 188 ائٽيوڪ (تقرير xi - ص 380، 381 ۽ سوزومين (v, 19) ويسلنگ تفصيل - ص - 581 ڪسوبان (آگسٽ جي تاريخ - ص - 64) هن موضوع کي اجاگر ڪن ٿا.

105. " سندس مجسمو، اولمپيا ۾ سجايل جوپيٽر جي مجسمي جيتروئي وڏو هو." (اميئينس - xxii, 13) اولمپيا جو جوپيٽر سٽ فوٽ اوچو هو ۽ سندس ويڪر ايتري هئي جنهن ۾ هڪ هزار ماڻهو سمائجي سگهن ٿا. ڏسو ابي گيبون جون يادگيريون (نقش و نگار جي اڪيڈمي ۾ - ix - ص 198)

+ (يونان ۾)

‡ (ڪئستاليا - هڪ چشمو جيڪو يونان ۾ پارمئسَس جي هنڌ تي هو جيڪو اپولو ۽ لطيف فن جيان مقدس هو.

106. هئدرئن، ڪئستالين جي نهر ۾ ٻڏل پنَ تان ايندڙ وقت جي تاريخي واقعن کي ڏسي ورتو هو: هي هڪ اهڙي اتڪل هئي جنهن کي وٽنديل سائنسدان موجب ڪيميائي جزن جي ميلاپ ذريعي ورجائي سگهجي ٿو. شهنشاهه اهڙي چاڻ جي ذريعن کي ئي ختم ڪرائي ڇڏيو چو ته ان باب کي جولين جي اُڻ تڻ ٻيهر کوليو هو.

107. ان کي سن 44 ۾ يا وري ائٽٽڪ جي دؤر جي 92 سال ۾ خريد ڪيو ويو. (نورس، ايپڪ - شامر - مئسيڊونيا صفحا - (137 - 174 جنهن جو مدو 90 اولمپئڊ هو. پر ائٽٽڪ جون اولمپڪ راندين کموڊس جي حڪومت جي دؤر کان اڳ نه ڪيڏيون ويندين هيون. هن سلسلي ۾ ڏسو جان ملالا جو لکيل تفصيل (i, 293, 372 - 381) هڪ اهڙو ليکڪ جنهن جو نالو توڙي شهرت سندس هڙ جي شهر تائين محدود هئي.

* (اولمپيا جي نزديڪ هڪ يوناني شهر)

باب - چوويهون

النئڪ ۾ جولين جي رهائش گاهه - فارس جي خلاف سندس ڪامياب مهم - دجلہ جو گذرگاهه - جولين جو پنڌي هٽڻ ۽ سندس موت - جووين جي الیکشن - هڪ ذلت آميز صلح نامي ذريعي هو روم جي فوج کي بچائي ٿو.

جولين، سيزرس [1] جي نالي ۾ جيڪا فلسفي آميز تصوراتي ڪهاڻي ترتيب ڏئي ڇڏي هئي، اُها قديمي ذهانت[2] جي بيحد قبول ڪرڻ جوڳي ۽ بهترين تخليق آهي. سئٽرنئليا * جي جشن ۾، جڏهن انساني هڪ جهڙائي ۽ آزاديءَ کي ملهائبو آهي، تہ ان موقعي تي رومولَس، اولمپس جي ديوتائن جي هڪ وڏي دعوت جو اهتمام ڪيو. جن هڪ لائق ساڻيءَ طور سندس چونڊ ڪئي هئي؛ هن دعوت ۾ روم جا شهزادا ۽ شامل هيا جن سندن جنگجُو ماڻهن تي حڪومت ڪئي هئي تہ ساڳي وقت ڏرتيءَ جي شڪست کاڌل قومن تي پڻ راڄ ڪيو هو. جيڪي لافاني هيا اُنهن کي شاندار طريقي سان ملڪي تخت جي ترتيب موجب رکيو ويو ۽ سيزرس جي ٽيبل، هوا جي مٿاهين سطح تي، چند (ديوتا) جي بلڪل هيٺان رکي وئي. جيڪي آمر هيا ۽ جن ديوتائن تورِّي انسانن جي معاشري کي بيعزتو ڪيو هو، اُنهن کي ڪنور نيميسِس، ظالمن ۽ جابرن جي اوندهي غار ۾ مُنهن ۾ اڇلائي ڇڏيو هو. جيڪي باقي سيزر هيا اُهي پنهنجين پنهنجين مقرر ٽيل سيٽن ڏانهن وڌندا ويا ۽ جيئن اُهي گذري رهيا هيا تہ سندن ڪردارن سان منسوب سندن عيب، اوڻايون ۽ الزام بہ ظاهر ٽيندا ويا جن کي هڪ بزرگ سائليٽس، جيڪو پنهنجي ڪلندڙ خوش اخلاقيءَ سبب ڄاتو ويندو هو، پنهنجي ذهن ۾ ڪدورت سان کي نقطا نوٽ ڪندو ويو پر هو فيلسوف جي ڏاهپ کي، بچنل[3] جي آڙ يا پردي ۾ لڪائي ويو. جيئن ئي دعوت ختم ٿي تہ ديوتائن جي قاصد جو آواز آيو جنهن جوپيٽر ديوتا جي هڪ خواهش جو اظهار ڪيو تہ وڏي ۽ نمايان لياقت ۽ قابليت جو انعام جنت جو تخت هٿ ڪهرجي. هن سلسلي ۾ جوليَس سيزر، آگسٽَس، ٽراجن ۽ مارڪَس ائنٽونينَس کي اُنهن اُميدوارن جي لسٽ ۾ رکيو ويو جيڪي روشن ستارا هيا تہ ساڳي وقت ڪمزور ڪانسٽنٽائن[4] کي بہ ان مٿاهين لسٽ مان خارج نہ ڪيو ويو ۽ سڪندر اعظر کي دعوت ڏني وئي تہ روم جي سپوتن کي اعزازن سان نوازڻ جي فيصلي ۾ پاڻ بہ شريڪ ٿئي. هر اميدوار کي اجازت ڏني وئي تہ پنهنجن ڪارنامن جو ڪليءَ طرح اظهار ڪري. پر ديوتائن جي فيصلي ڪرڻ ۾، مارڪَس جي پُروقار خاموشي، سندس مقابلي ڪندڙ جي تقريرن جي فصاحت ۽ بلاغت جي مقابلي ۾ وڌيڪ زوردار ۽ اثرائتي ثابت ٿي. جڏهن هن عجيب و غريب مقابلي ۾ شريڪ ٿيندڙ ججن مقابلي ڪندڙن جي دلين ۽ سندن تاثرات جو معائنو ڪيو تہ شاهي استائڪ وڏيڪ وزنائتو ۽ بيحد ٽرالو لڳي رهيو هو.[5] سڪندر ۽ سيزر، آگسٽَس، ٽراجن ۽ ڪانسٽنٽائن مانيٽي وقار سان تسليم ڪيو تہ سندن ڪوششون ۽ محنتون گهٽو ڪري شهرت، اختيارن يا خوشين حاصل ڪرڻ لاءِ هونديون هيون. پر ديوتائن پاڻ احترام ۽ محبت منجهان مشاهدو پئي ڪيو تہ هڪڙي نيڪ ۽ فاني انسان کي جس هجي جو تخت تي ويهي فلسفي جي سبقن تي پهريون خود عمل ڪيو هو ۽ پاڻ هڪ انسان جي حيثيت ۾ ڪيترين ئي ڪوتاهين ۽ اڻپورائين جي باوجود، هن

معبود حقيقي جي بي مثل وصفن کي پاڻ ۾ سمائڻ جي کوشش ۽ خواهش ڪئي هئي. اهڙن ڳڻن جي قدرداني (جولين جا سيزرس) جي مصنف جي مرتبي کي ڪافي مٿاهون ٻڌايو آهي. هڪ شهنشاهه، جيڪو آزاديءَ سان پنهنجن ابن ڏاڏن جون سُنايون توڙي اوڻايون کولي بيان ڪرڻ ۾ ڪابه هيڪ محسوس نٿو ڪري، تہ خود پنهنجي روَيي بابت پڻ پنهنجي مذمت توڙي تعريف ڪرڻ کان به نٿو ڪيهائي. *

جڏهن هن پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ۽ ڏٺي سيني سان سوچيو تہ جولين کي ائنٽونينَس جون مهرباني ۽ رحمدليءَ واريون خاصيتون وڌيڪ وزندار ۽ ڪارآمد نظر آيون پر سڪندر جي شان شوڪت کي ڏسي سندس اندر ۾ حسد جي باهه پڙڪي پئي، تنهنڪري هن جوش ۽ ولولي مان پنهنجي لاءِ ڏاهپ جي ذات جي خواهش پنهنجي اندر ۾ سانڍي تہ ساڳي وقت بيشمار ماڻهن جي داد ۽ آفرين حاصل ڪرڻ جي تمنا پڻ رکي. چرندڙ پرندڙ زند ۽ موسر جو هڪ اهڙو واءُ به وري تہ جڏهن انسان دماغي صلاحيت ۽ جسر جي پرپور قوت ۽ طاقت جو پاڻ کي مالڪ تہ سمجهي ۽ انجي مظاهري ڪرڻ جو خواهشمند به ٻڌجي وڃي تہ شهنشاهه جنهن کي وڏي تجربي جي رهبري ۽ جرمني جي جنگ ۾ ڪاميابين ماڻڻ جو فخر حاصل هيا، پنهنجي پڪي عزم جو اظهار ڪيو تہ پنهنجي حڪومت جي دؤر کي، ايا وڌيڪ شاندار ڪارنامن ۽ يادگار سوپن سان سينگاريندو. اوپر جي سفيرن، جن ۾ هندستان جي ڪنڊ ۽ سيلون جي ٻيٽ[6] جا نمائندا شامل هيا، اُنهن سڀني روم جي تاج ۽ تخت جي سلامتي پري هئي.[7] اولهه جي قومن پڻ آڻ مڃيندي، امن توڙي جنگ جي حالتن ۾، جولين جي ذاتي صلاحيتن کي مڃيو هو تہ وري ڪانئس خوفزده به رهندا هيا. گائن جي فتح[8] وارين ٽرافين کان هن کي چڙ ايندي هئي ۽ هو مطمئن هو تہ دنيوب جا لالچي بربر اڳتي لاءِ صلحنامن جي پڄڙين ڪرڻ کان ڊڄندا ڇو تہ کيس يقين هو تہ سندس نالي ۽ شهرت جو ڏهڪاءُ کين بي لغام ٽيڙ نہ ڏيندو ۽ ٻيو تہ هن وڌيڪ عاليشان قلعا پڻ جوڙايا هيا جن ذريعي ٽريس ۽ اليريڪر جي سرحدن کي وڌيڪ مضبوط بنايو ويو هو. سائرس ۽ اردشير جو جانشين ٿي فقط کيس اهڙو ٿي سُجهيو جيڪو سندس نظر ۾ هن سان مقابلي ڪرڻ جهڙو هو، تنهنڪري هن پنهنجي عزم کي اندر ۾ ورجايو تہ هو ان ضدي ۽ هٺيلي قوم کي، فارس جي فتح ذريعي کين سزا ڏيندو جو هنن گهٽي وقت کان وٺي روم جي شان شوڪت ۽ ڏٻدٻي سان مهاڏو اٽڪايو هو ۽ انجي بيعزتي ڪئي هئي.[9] جيئن ٿي فارس جي حڪمران + کي ٻڌايو ويو تہ ڪانسٽئنٽيَس جي تخت کي هڪ اهڙي شهنشاهه اچي والاريو آهي جيڪو مزاج ۾ بلڪل مختلف آهي، تنهنڪري هن (فارس جي حاڪر) نهٽائي ۽ نِروٽ کي اختيار ڪندي عقلمندي ۽ خلوص واريون ڪوششون ڪيون تہ جيئن اهڙي صورتحال ۾ امن جو معاهدو ٿي وڃي. پر ساپور جي اُميدن کي جولين جي سخت روَيي سبب زبردست جهٽڪو لڳو جنهن هڪ ڪُليل اعلان ڪيو تہ هو ميسوپوٽئميا جي شهرن جي تباهي ۽ هرندڙ شعلن جي هولناڪين اندر ڪڏهن به امن جي سمجهوتي ڪرڻ تي پنهنجي آمادگي نہ ڏيکارينداو ۽ طنز سان پرپور مرڪ ذريعي وڌيڪ چيائين تہ ڳالهين هولهين لاءِ هاٿي هڪ ٻئي ڏي وڃ وارن سفيرن موڪلڻ جي ضرورت ٿي ڪانہ هئي ڇو تہ هن کي فارس جي تخت تائين پهچڻ جي تمام تڪڙ هئي ۽ هو اُتي جلدئي ديرا وجي ڇمائيندو. شهنشاهه جي اُبهرائپ ۽ بيصبريءَ جي تقاضا اها هئي تہ وڏي محنت ۽ هوشياريءَ سان حملي ڪرڻ لاءِ فوجي تياريون ڪيون وڃن. جنرلن کي ڪر سڏيا ويا، ۽ هن مقصد لاءِ هڪ وڏي طاقتور فوج تيار ڪئي وئي، ۽ جولين، قسطنطنيہ کان

پنهنجي مهر جو آغاز ڪندي، ايشيا مائنر جي صوبن منجهان ڏوڪيندو، پنهنجي اڳئين جانشين جي مرڻ کان فقط اٺن مهينن کانپوءِ اچي اٽنٽئڪ ۾ خيما کوڙيا. فارس جي مرڪز ۾ ڪاهه ڪري پهچڻ جي سندس بيصبريءَ واري خواهش کي عارضي طور ترڪ ڪيو ويو ۽ ته شهنشاهت جي مرتبي جي تقاضا اها هئي ته نظر ۽ ضبط ڪي به ڏيان ۾ رکڻو هو، جنهن ۾ ديوتائن جي پوڄا کي به بيهر رائج ڪرڻو هو ۽ ساڳئي وقت سندس داناءَ دوستن کيس صلاح ڏني ته سياري جي ڏڙ واري موسر کي ڪيئن به ڪري گذارجي ته جيئن گال جي ٽڪل فوجن کي ساهي به ملي ۽ اُنهن کي گهربل طاقت ۽ توانائي به جيئن حاصل ٿي سگهي ته ساڳي وقت اوپر جي فوجن جو نظر ضبط ۽ سندن حوصلو به جيئن تازن جذبن سان تمتار ٿي سگهي. جولين کي، ايندڙ بهار جي موسر تائين پنهنجي رهائش کي، اٽنٽئڪ ۾ اختيار ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو ويو; سندس ماٿهن ۾ ڪيترا اهڙا به هيا جن کدورت مان سندس اُبهرائپ تي طنزون پٿي ڪيون ته وري اهڙا به اُنهن ۾ موجود هيا جن پنهنجي حاڪر طرفان مهر جوئيءَ ۾ دير ڪرڻ تي ڪيس ٿِندیو به ٿي.[10]

جيڪڏهن جولين پاڻ کي ان خوش فهميءَ ۾ مبتلا ڪري ها ته اوپر جي گاديءَ جي هنڌ سان سندس ذاتي تعلق، شهنشاهه توڙي عوام لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو ته پوءِ هو شايد پنهنجي ڪردار توڙي اٽنٽئڪ جو غلط ۽ ڪوڙو تجزيو ڪري ها.[11] موسر جي معتدل موافقت، مقامي ماٿهن کي، دولت ۽ ۾ سڪون ماحول کي ملهائڻ ۽ ان مان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ لالچايو ۽ يوناني ماٿهن جي خوشدليءَ واري عياشي شام وارن جي مزاج جي موروثي نرميءَ سان ملي هڪ ٿي وئي. جيڪڏهن هتي ڪو قانون هو ته صرف فئشن جو هو. جيڪڏهن ماٿهن کي ڪا جستجو هئي ته فقط لطف ۽ لذت حاصل ڪرڻ لاءِ هئي ۽ ڪيڙن پائڻ توڙي قيمتي فرنيچر جو مظاهرو. اٽنٽئڪ جي شهرين جي معتبري جي نشاني هئي. عياشيءَ جي هر نموني يا طرز جو مان مٺاهون هوندو هو. ۽ انساني ڳُٽن ۽ سٽين وصفن تي ماٿهو ٽوڪون ڪندا هيا ۽ عورتن جي حيا توڙي سندن وڏندڙ عمر لاءِ عزت ڪرڻ جي رويّن کي نفرت جي نگاهه سان ڏسو ويندو هو ۽ اوپر جي هن گاديءَ جي هنڌ ۾ اهڙن سڀن قدرن کي بگڙيل معاشري سان تعبير ڪيو ويندو هو. شام وارن کي عينڪ پائڻ جو گهٽو شوق هوندو هو ۽ هن سلسلي ۾ پرپاسي وارن شهرن منجهان[12] وڏن هنرمندن ۽ ڪاريگرن کي پاڻ وٽ گهرايو ويندو هو. ۽ ناٽي جو وڏو حصو ماٿهن کي تفريح مهيا ڪرڻ جي سلسلي ۾ خرچ ٿيندو هو. ۽ راندين توڙي ٿيٽرن ۽ سرڪسن جي مشغلن جي نماءَ ۽ شان شوڪت کي نه رڳو خوشين ۽ مسرتن جو سامان ڄاتو ويندو هو، پر انهن مشغلن کي ئي اٽنٽئڪ جي مان ۽ شان جو باعث سمجهيو ويندو هو. شهنشاهه جي سادي ۽ ڳوٺاڻي مزاج کي اهڙي اجائي شان شوڪت کان بنهه نفرت هئي ۽ هو اهڙين مصنوعي خوشين کان لاتعلق رهندو هو تنهنڪري هن پنهنجي رعيت جي اهڙي نازڪ مزاجيءَ کان بُجهان ۽ ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو. پر زناٽو مزاج رکندڙ مشرق جا رهواسي، نه ته جولين جي سچي سادگيءَ جي طور طريقن تي هلي ٿي سگهيا ۽ نه وري ان جي تعريف ڪري ٿي سگهيا جيڪا شهنشاهه پنهنجي لاءِ اختيار ڪئي هئي. قديمي رسمن رواجن موجب، جيڪي ديوتائن جي احترام ۽ اعزاز ۾ جشن ملهايا ويندا هيا ۽ جن کي مقدس به سمجهيو ويندو هو ته فقط اُنهن ئي جشن جي ڏينهن ۾ جولين جي فلسفياڻي سختيءَ ۾ ڪجهه نرمي ڏسڻ ۾ ايندي هئي ۽ اٽنٽئڪ جا شامي پڻ اُنهن ئي جشن جي ڏينهَن ۾ لطف ۽ لذت حاصل ڪرڻ جي خواهش کي پوريءَ طرح ترڪ ڪري ڇڏيندا هيا. ماٿهن جي اڪثريت عيسائيت جي نالي جي مجتا ٿي ڪئي

جنهن کي سندن ابن ڏاڏن شروع ۾ ايجاد ڪيو هو،[13] هو ان ۾ خوش هئا ته هنن عيسائيت جي اخلاقي ضابطن جي پڄڪڙي ئي ڪئي پر هو پوري سچائيءَ سان پنهنجي مذهب جي فرضي اصولن ۽ ضابطن سان لاڳاپيل هيا. اٺنٽئڪ جي چرچ، فرقيواريت ۽ لامذهبيت جي لاڙن جي بگاڙ طرف هلي وئي هئي، پر اٺنٽسيَس جا پوئلڳ توڙي آريَن جيڪي وري ميليٽيَس ۽ پالينَس[14] جا عقيدتمند هيا، اُنهن جي اندر ۾ ساڳي پاڪائيءَ واري نفرت سمايل هئي جيڪا هنهي ڏرين جي ساڳين دشمنن لاءِ منجهن موجود هئي.

هڪ مرتد جي ڪردار لاءِ سندن دلين ۾ سخت نفرت ۽ تعصب پريل هو جيڪو شهنشاهه جو دشمن ۽ جانشين هيو ۽ جنهن کيترن ئي فرقن جون همدرديون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، اهڙي وقت ۾ سينٽ بئبيلاس جي برطرفي، جولين جي خلاف سخت مخالفت جو سامان مهيا ڪري ڇڏيو. سندس رعيت جي ماڻهن وهمن گاڏڙ ڪاوڙ منجهان شڪايت ڪئي ته شهنشاهه جي غلط رويَن سبب قسطنطنيه ڪانوني اٺنٽئڪ تائين ڏڪار ڦهلجي چڪو هو ۽ بکايل ماڻهن جي ناراضگيءَ جي باهه ڪي وري غلط ۽ ناانصافيءَ وارن فيصلن ويتر ڀڙڪائي ڇڏيو هو ۽ سندن ڏکن سورن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪو به مناسب قدم نه کنيو ويو هو. موسم جي بيرحميءَ شام جي فصلن کي سخت نقصان پهچايو هو ۽ اٺنٽئڪ جي دڪانن تي مانيءَ جي قيمت،[15] اَن جي اٽاڪ سبب ڪافي حدتائين وڌي چڪي هئي. پر ساڳئي وقت لالچين ۽ منافع خورن طرفان قائم ڪيل هڪ هٽيءَ جي رجحانن پڻ جائز قيمتن جي وهنوار کي سخت نقصان پهچايو هو. ڇنا پيٽيءَ جي هن غير برابريءَ واري ڊوڙ ۾ جتي زمين جي پيداوار تي فقط هڪ ڏر جو ناجائز قبضو ۽ اختيار هجي ته هي ڏر وري ان کي فائديمند واپار جو ذريعو سمجهڻ لڳي ۽ ايان ٽين ڏر انکي روزمرهه جي گُذران جو ذريعو سمجهي ته اهڙي صورتحال ۾ سمورا فائدا فقط وچ وارو دلال کٽي ٿو وڃي جنهن ۾ ويچارو " آٽين ۽ چاڑهين، ڏڻ ڏهاڙي سومرا" وارو مسڪين ته صفا پيڙجي ٿو وڃي. غريبي گذران وارين تڪليفن کي، سندن پنهنجي ئي بيصبري ۽ بيچينيءَ کجهه وڌائي ۽ ان ۾ مبالغو ڪري پيش ڪيو هو. تنهنڪري اَنَ جي اٽاڪ جي فرضي خدشن کي به ڏُکر جو روپ ڏنو ويو. جڏهن اٺنٽئڪ جي عياش شهرين طرفان پڪين ۽ مڇيءَ جي وڏندڙ قيمتن جي شڪايت ڪئي وئي ته جولين هڪ عوامي اعلان ڪيو ته ڪنايت واري هن شهر کي ان ڳالهه تي خوش ٿيڻ گهرجي ته شراب، تيل ۽ ماني هر ماڻهوءَ کي ڪشادي نموني سان ميسر هئي، تنهنڪري اهڙي صورتحال ۾ هڪ حاڪر جو اهو فرض هو ته هُو عام ماڻهن جي روزاني استعمال ۽ اُنهن جي گذر سفر جي شين جي پهچ کي يقيني بڻائي، هن صحتمند قدم ڪٽڻ ڪانپو، شهنشاهه هڪ ٻيو خطرناڪ ۽ غير يقيني فيصلو ڪيو ته اَنَ جي اَڳهَ کي پنهنجن اختيارن سان مقرر ڪري ڇڏي. هن هڪ قانون پاس ڪيو ته جڏهن به اَنَ جي ڪوٽ جو انديشو هجي، ته ان وقت اُن جو وڪرو اهڙي ۽ ايتري ته گهٽ اَڳهَ تي ٿئي جو ماڻهن کي اهڙي اڳهه جي، سُک ۽ سُکار جي ڏينهن ۾ به چاڻ نه رهي هجي ۽ هن وڌيڪ چيو ته سندس پنهنجي مثال مان ئي ان قانون کي تقويت ملندي تنهنڪري هن چار لک هاويهه هزار ماپا ماريڪٽ ۾ ڦهلائي ڇڏيا، جيڪي سندس حڪم تي، هائروپولِس، چالِسز ۽ مصر جي اناج جي گرامن منجهان ڪڍيا ويا هيا. انهن قدمن جي نتيجن جو اڳواٽ ئي اندیشو موجود هو. تنهنڪري اُنهن کي جلدئي محسوس پڻ ڪيو ويو. شاهي ڪٽڪ جي انبارن کي مالدار واپارين خريد ڪيو، زمين توڙي اَنَ جي ملڪيتن تي قبضو ڪندڙن، شهر ۾ اَنَ جي پهچ کي روڪي ڇڏيو ۽ اَنَ جو

تورڙو مقدار جيڪو بازارن ۾ ظاهر ٿيو به سهي ته ان کي چپ چاپ ۾ مٽائهين ۽ غيرقانوني آڪهه تي وکرو ڪيو ويو. جولين ايا تائين پنهنجن ڪنيل قدمن تي مطمئن هيو. ماٹهن جي شڪايتن کي نه رڳو اجايون سمجهڻ لڳو پر اُنهن کي احسان فراموشيءَ جي اجائي ٻڌ ٻڌ سان تعبير ڪيائين ۽ ائنٽڪ وارن کي يقين ڏياريائين ته هن پنهنجي پاءُ گئلس*[16] جي ظلر جي روش کي ته نه، پر سندس ضدي ۽ هٹيلي طبيعت کي ضرور پنهنجي ورثي ۾ شامل ڪيو هو. شهري سينيٽ جي سخت احتجاج به سندس هٹيلي دماغ کي ويتر چيڙائي ڇڏيو. هڪ سچي حقيقت البت کيس ان ڳالهه مڃڻ تي آماده ڪيو ته ائنٽڪ جا سينيٽر، جن وٽ وڏيون ملڪيتون هيون ۽ اُهي ذاتي وٹج واپار ۾ ڪندا هيا، پنهنجي ملڪ کي مصيبتن ۽ تڪليفن ۾ مبتلا ڪرڻ وارا به خود اُهي ٿي هيا ۽ هن، اُنهن ماٹهن تي گستاخي واري جرئت جو الزام هنيو جيڪي حق حلال جي ڏيوتي سرانجام ڪرڻ بدران پنهنجن شخصي فائدن حاصل ڪرڻ جي جستجو ۾ رُڌل هيا. شهر جي به سؤ معززن ۽ دولتمند ماٹهن جي وفد کي، محافظن جي پهري ۾، محل کان روانو ڪري جيل موڪليو ويو. پر پوءِ ڪين رات ٽيڻ کان اڳ ۾ اجازت ڏني وئي ته هو پلي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن واپس هليا وڃن.[17] پر شهنشاهه اُنهن کان معافي ناما حاصل نه ڪري سگهيو تورڙي جو هن کين جلد معاف ڪري ڇڏيو هو. ايا به ساڳيا ڏک سور ۽ ساڳيون شڪايتون موجود هيون جن کي شام جي يوناني رهواسين وڏي محنت، ذهانت ۽ عام طريقي سان هر طرف ڦهلائي ڇڏيو هو. سئنرنئليا جي عيش عشرت وارن ڏينهن ۾، شهر جون گهٹيون، گستاخي ۽ بي ادبيءَ جي نغمن سان گونجنديون هيون جن ۾ قانون، مذهب، شهنشاهه جي ذاتي ڪردار ۽ ان حد تائين جو سندس ڏاڙهيءَ تي به سخت ٹٹوليون ڪيون ويندیون هيون ۽ ائنٽڪ جي ماحول کي، مئجسٹريٹن جي لڪ چپ واري رضامندي ۽ ماٹهن جي هجوم جي داد ذريعي، ظاهر ڪيو ويندو هو.[18] سقراط جو پوئلڳ، جنهن جي شخصيت اهڙين بيعزتين ذريعي سخت متاثر ٿي رهي هئي؛ پر ان جي باوجود هن حاڪر، جيڪو هر ڳالهه کي تيزيءَ سان پروڙڻ جو ماهر هو ۽ جنهن وٽ پورا اختيار پڻ هٹا، پنهنجن جذبن ۽ اُڌمن کي انتقام ذريعي مطمئن ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو. ان جڳهه تي جيڪڏهن ڪو آمر هجي ها ته هو ائنٽڪ جي شهرين جي زندگين تورڙي قسمتن بابت اهڙو فيصلو ڪري ها جيڪو کين موت جي مُنهن ۾ وجهڻ کان گهٹ نه هجي ها. ۽ شام جا امن پسند ماٹهو، گال جي وفادار فوجين جي ظلم، شهوانيت ۽ ذلت پري لالچ جو آسانيءَ سان ۽ چپ چاپ شڪار ٿي وڃن ها. هڪ نرم فيصلو به شايد اوپر جي گاديءَ جي هنڌ کي، ان جي حقن ۽ اعزازن کان محروم ڪري ڇڏي ها ۽ پوءِ درباري تورڙي جولين جي رعيت جا ماٹهو، اهڙي انصاف جي تائيد ۽ تعريف ڪن ها جنهن ذريعي جمهوريه جي وڏي مئجسٹريٹ جي وقار ۾ اضافو ٿئي ها.[19] پر ملڪي اختيارن ۽ پنهنجي طاقت جي ناجائز استعمال، تورڙي کيس ذاتي رسيل زخمن جي بدلي وٺڻ جي بجاءِ، جولين پنهنجي رد - عمل جو اظهار مانيٹي ۽ غير ضرر طريقي سان ڪري پاڻ کي مطمئن ڪيو ۽ هي اهڙو طريقو هو جيڪو شايد چند آگرين تي ڳٹڻ جيترن شهنشاهن طرفان ممڪن آهي ته ڪيو ويو هجي. کيس طنزن ۽ غلط الزامن ذريعي بيعزتو ڪيو ويو هو، پر موٽ ۾ هن پنهنجي پاڻ لاءِ "ڏاڙهيءَ جو دشمن" جو لقب چونڊيو، جيڪو هنجو پنهنجي پاڻ تورڙي پنهنجي غلطين جو ٹوڪ وارو اعتراف هو ته ساڳئي وقت ائنٽڪ جي زناٹين ۽ عياشيءَ جي فضول رسمن تي سخت تنقيد پڻ ڪئي وئي هئي. شهنشاهه جي هن جواب کي محلات جي گيٽ آڏو نمايان طريقي سان لڳايو ويو ۽ مسوپوگن[20] ايا تائين جولين جي

ناراضگي، سندس ذهانت، انسانيت ۽ غير دانشمنديءَ جو هڪ يادگار ۽ بيحد اهر منارو آهي. توڙي جو هُن ٽِڪي کل ته پنهنجي مُنهن تي ظاهر ڪئي پر هو معاف نه ڪري سگهيو.[21] سندس نفرت ته صاف ظاهر هئي پر سندس انتقام کي ممڪن آهي ته گورنر جي نامزدگيءَ[22] ذريعي مطمئن ڪيو ويو هجي، جيڪو فقط اهڙي قسر جي رعيت لاءِ موزون هو. ۽ شهنشاهه هن احسان فراموش شهر کي هميشه واسطي ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجي پکي عزم جو اظهار ڪيائين ته هو ايندڙ سيارو سسيليا جي شهر ٽارسَس ۾ گذاريندو.[23]

مٿي بيان ڪيل ڳالهين جي باوجود، ائنٽئڪ ۾ پوءِ پي جولين جي نظر ۾ هڪڙو شهري اهڙو موجود هو جنهن جي ڪمال جي ذهانت توڙي سندس ڪردار، شايد ملڪ جي غلطين ۽ گناهن جو ڪفارو ادا ڪري سگهي. فيلسوف لبينيَس، اوپر جي گاديءَ جي هنڌ ۾ ڄائو هو. هو هڪ مڃيل تقرير جو ماهر ۽ تقريري مقابلن ۾ پنهنجي حيثيت نائيسيا، نڪوميديا، قسطنطنيه ۽ ايٿنس ۾ مجرائي چڪو هو ۽ پوءِ زندگيءَ جو باقي حصو ائنٽئڪ ۾ رهيو ۽ هر جڳهه تي پنهنجي قابليت ۽ ذهانت جو ڏاڪو ڄمايائين. سندس اسڪول ۾ يونان جا نوجوان وڏي محنت ۽ اورچائيءَ سان پڙهندا هيا جيڪي سندس پوئلڳ پڻ هيا ۽ ڪڏهن ڪڏهن اُنهن جو تعداد اسي کان به وڌيڪ ٿي ويندو هو ۽ پنهنجي مالڪ جي بيمثال ذهانت تي بيحد خوش ٿيندا هيا ۽ سندس مخالف ساٿس حسد ڪندا هيا جن ڪيس هڪ شهر کان ٻي شهر تائين اذيتون ڏنيون هيون جنهن مان پڻ ان خداداد قابليت جي باري ۾ ماڻهن جي عام راءِ جي خبر ٿي پئي جيڪا لبينيَس پنهنجي لياقتن جي سلسلي ۾ اڪثر ظاهر ڪندو رهندو هو. جولين جي استادن هڪ تڪڙو پر اعتماد جوگو يقين ڏياريو هو ته هو ڪڏهن به سندن مخالفن جي محفلن ۾ نه ويندو ۽ نه سندن ليڪچر ٻڌندو؛ شاهي نوجوان جي وڌيڪ تجسُس کي روڪيو ته ويو پر ساڳي وقت ان اندران پڙڪو به ڪاڌو. تنهنڪري هن ڳُجهيءَ طرح هن خطرناڪ فيلسوف جي تحريرن کي هٿ ڪيو ۽ آهستي آهستي ان جو نقل ڪندي، ان کان به ڪجهه اڳتي وڌي ويو ۽ اهڙيءَ طرح سندس شاگردن منجهان هن پاڻ کي سڀني کان وڌيڪ اورچ ثابت ڪيو.[24] جڏهن جولين تخت تي ويٺو ته هن شام جي ان فيلسوف جي وڌيڪ ويجهو ٿيڻ ۽ کيس انعام اڪرام ڏيڻ لاءِ پنهنجي بيصبريءَ جو اظهار ڪيو، جنهن پنهنجي وڏي ۽ بگڙيل عمر ۾ به يونان جي ذوق شوق جي نِڀ نمونن، سندن رهٽي ڪهٽي ۽ مذهب جي اصليت کي پاڻ وٽ محفوظ ڪري ڇڏيو هو. شهنشاهه تي پنهنجي فيلسوف استاد جو پورو قبضو ٿي چڪو هو جنهن جي لاءِ، ان جي فخر واري ديانتداريءَ جواز پڻ پيدا ڪري ڇڏيو هو. بجاءِ ماڻهن جي انبوهه مان ڏوکڻ ۽ اڳتي وڌي قسطنطنيه جي محلات تائين پهچڻ جي، لبينيَس خاموشيءَ سان ائنٽئڪ ۾ سندس آمد جي اُميد رکي؛ پر سرد مهريءَ ۽ بدليل انداز جي آثارن کي پرکڻ شرط هن پاڻ کي سندس محل کان پاسيرو ڪري ڇڏيو. هر ملاقات لاءِ ڪيس هاڻي باقاعدگي واري سڏ يا دعوت جي ضرورت محسوس ٿيندي هئي، تنهنڪري پنهنجي حاڪر کي هڪ نهايت ئي اهر سبق سيکاريائين ته هو پلي پنهنجي رعيت جي تابعداري جو دعويدار هجي پر پنهنجي دوست سان وفادار رهڻ جو سليقو به ڪيس ڳنوائڻ نه گهرجي. هر دوَر جا فيلسوف، هر ۽ بخت جي حادثاتي فرقن[25] کان يا ته نفرت ڪن ٿا يا نفرت ڪرڻ جو ڊوَنگ رچائن ٿا ۽ اُهي فقط ذهن ۽ دماغ جي اعليٰ صلاحيتن جو احترام ڪن ٿا جو ته اُهي خود پي اهڙين باڪمال لياقتن سان مالا مال هجن ٿا. جولين کي پاڙيتو ۽ چاپلوسي واري دادَ ۽ واهه واهه کان سخت نفرت هئي. پر ان تعريف کان ضرور

خوش ٿيندو هو جنهن ۾ سندس جائز واکاڻ ٿيل هجي يا کيس تنبيهه ڪئي وئي هجي. جنهن ۾ کا ڳالهه آزاديءَ سان چيل هجي. ۽ جتي هڪ غيرجانبدار فيلسوف جنهن سندس مهربانين کي ڏکرائي ڇڏيو هو. ۽ تنهن هوندي به سندس شخصيت سان محبت ڪندو هو. سندس شهرت کان خوش هيو ۽ هنجي يادن کي پاڻ وٽ محفوظ ڪيو هئائين. لبينيَس جون بي انداز تحريرون اڄا تائين به گهٽي پاڳي سلامت آهن ۽ اُهي اڄايون ۽ فضول ٿيون لڳن جن ۾ رڳو لفظن جي جادوگري رکيل آهي ۽ ائين ٿو لڳي ته سندس تحريرون هڪ اهڙي شاگرد جون پيشڪشون آهن جيڪو ڪُنڊ ۾ ويٺل آهي ۽ جنهن جو دماغ ۽ ذهن، پنهنجن همعصرن جي پرواهه ڪرڻ بدران، فقط تراجن جي جنگ تي انڪيل هو يا وري يونان جي گڏيل قومن جي برادريءَ سان لاڳاپيل هيو. ان جي باوجود ائٽنٽڪ جو فيلسوف، ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي مٽاهين رتبي کان هيٺ لهي ايندو هو. ۽ پنهنجين مختلف ۽ تفصيلي تحريرن ۾ پنهنجي ڳالهه کي صاف ۽ واضح ڪري پيش ڪندو هو.[26] هو پنهنجي وقت جي طور طريقن جي تعريف ڪندو هو ۽ قومي توڙي ذاتي زندگي جي خرابين ۽ ڪُڻن کمن تي سخت تنقيد ڪندو هو ۽ جولين ۽ ٿوڊوسيَس جي جائز ناراضگيءَ جي خلاف هو ۽ ائٽنٽڪ جي بهبود ۽ بهتري جي سڀائين تائيد ڪندو رهندو هو. وڏندڙ عمر جي اها وڏي بدنصيبي هوندي آهي[27] جو انسان جو لاپائتو سرمايو ڪانئُس وڃائجي ويندو آهي ۽ لبينيس کي وري هڪ انوکي بدقسمتيءَ جي تجربي مان گذرڻو پيو جو هن مذهب ۽ سائنس کي زنده رکيو هو ۽ جن جي سلامتيءَ لاءِ هن پنهنجون ذهني صلاحيتون وقف ڪري ڇڏيون هيون. جولين جو دوست، عيسائيت جي فتح جو نظارو شديد ڏک ۽ ڪاوڙ منجهان ڏسي پسي رهيو هو ۽ سندس ڪنڌ پٽي، جنهن سڄي دنيا کي اونداهيءَ ۾ ڏکي ڇڏيو هو. لبينيَس کي، کنهن به وقار ۽ خوشين جي روحاني لطف حاصل ڪرڻ کان نااُميد ڪري ڇڏيو هو.[28]

جولين جي دليريءَ واري بيصبري کيس مجبور ڪيو ته بهار جي موسم ۾ پنهنجي مهم تي روانو ٿئي. هن وڏي ٻُجهان ۽ نفرت منجهان ائٽنٽڪ جي سينيٽ کي ختم ڪري ڇڏيو جو تہ اُنهن پنهنجن جائز قانوني حدن کان به اڳتي وڃي شهنشاهه سان گڏ هلڻ ۽ سهڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ۽ شهنشاهه پڪو بختو عزم ڪيو هو تہ اُنهن حدن تي پهچڻ کانپوءِ هو اتان واپس هرگز نہ ٿيندو. هن ڏينهن جي مشڪل سفر کانپوءِ،[29] هن ٽئين ڏينهن تي بيرُٹا يا اليپو جي هنڌ تي ٽڪ پٽيو. جتي ڪيس اهو معلوم ڪري سخت اذيت ملي تہ ذري گهٽ سندس سڄي سينيٽ عيسائيت ۾ بدلجي چڪي هئي ۽ جنهن سرد مهريءَ واري ظاهري عزت ۽ ٽڏن جذبن سان، لادينيت جي پيغمبر جي فصاحت بلاغت واري تقرير ٻڌي. بيرُٹا جي هڪ معزز شهريءَ جي پٽ، جنهن شوق منجهان يا سندس ضمير جي آواز تي، شهنشاهه جي مذهب کي اختيار ڪيو هو، کي سندس پيءُ ڪاوڙ منجهان ملڪيت جي حصي پتيءَ کان لادعويٰ ڪري ڇڏيو هو. پيءُ ۽ پٽ ٻنهي کي شهنشاهه پاڻ وٽ مانيءَ جي دعوت تي سڏيو. جولين، پاڻ ٻنهي جي وچ ۾ ويٺو ۽ صبر ۽ سهپ بابت پنهنجي تقرير شروع ڪيائين ۽ وڏي عمر واري عيسائيءَ جي خاموشيءَ کي هو پاڻ ڏانهن مائل هئڻ جو اندیشو سمجهي رهيو هو ۽ هو ويچارو به ڇڻ ڪجهه دير لاءِ فطرت جي جذبن ۽ هڪ رعيت جي فرد هئڻ جي ذميوارين کي وساري ويٺو هو. ۽ نيٺ شهنشاهه ان مصيبت ۾ مبتلا ٿيل نوجوان سان مخاطب ٿيو: "جيئن ته تنهنجو پيءُ هاڻي تنهنجو نہ رهيو آهي ۽ هي صدمو تو فقط منهنجي لاءِ برداشت ڪيو آهي، تہ هاڻي منهنجو اهو فرض آهي تہ تنهنجي

پيءُ وارو خال هاڻي آءُ پرڻ جي کوشش کريان.“[30] شهنشاهه جو پوءِ هڪ ننڍي شهر باتنيءَ ۾، گرمجوشيءَ سان استقبال ڪيو ويو جيڪو سندس خواهش پٽاندر پڙ هيو جتي شمشاد ۽ سرو جي وڻن جي جهڱڻ ۾ ڪيس ويهاريو ويو ۽ هي هنڌ هائروپولس جي وڏي شهر کان فقط ويهن ميلن جي مفاصلي تي هيو. باتني جي شهرين قربانين جي مقدس رسم ملهائڻ جو پورو اهتمام ڪيو هو. جيڪي پنهنجن پنهنجن ديوتائن اپولو ۽ جوپيٽر سان لاڳاپيل هيا. پر سندن دادَ وارين تعريفن جي شور، جولين جهڙي نيڪ ۽ پارسا انسان کي خوش ڪرڻ بدران ويتر ناراض ڪري ڇڏيو ۽ هن غور ڪرڻ سان اهو محسوس ٻ ڪيو ته جيڪو دونهون قربانگاهن منجهان اُپري رهيو هو ته اُهو عقيدت جي لوبان جي دونهين جي بجاءِ رِياڪاري ۽ خوشامد جو دونهون ڪجهه وڌيڪ نظر اچي رهيو هو. قديم ۽ شاندار مندر جيڪو ڪيترن زمانن کان وٺي مقدس رهيو هو، ۽ هائروپولس جو شهر[31] ٻ هاڻي پنهنجي اڳين رونق جو منظر پيش نه ڪري رهيو هو ۽ جيڪا دولت تن سؤ پادرين جي پالڻ ۽ سار سنڀار لهڻ لاءِ اربي وٺي هئي، ته اُها توڙي سمورو وايو مندل ائين ئي لڳو ته ڇڻ تيزيءَ سان تباهيءَ طرف وڃي رهيو هو. ان جي باوجود جولين کي پنهنجي فيلسوف دوست سان گرمجوشيءَ سان ملڻ تي خوشي ۽ اطمينان ٿيو جنهن جي مذهبي وفاداري، ڪانسٽنٽيَس ۽ گئلس طرفان بار بار جي مذهبي دعوتن ملڻ جي باوجود، مضبوط ۽ مستحڪم رهي هئي جڏهن اُهي بادشاهه هائروپولس جي شهر کان گذرندي، ڪجهه وقت يا ڏينهن ٻن لاءِ سندس گهر ۾ وڃي رهندا هيا. فوجي تيارين جي تڙ تڪڙ توڙي ڇاتل سڃاتل لکپڑهه طرف ڪجهه بي نيازيءَ واري اعتماد سبب، جولين جا جوش جذبا مسرت وارا، سگهارا ۽ هڪ جهڙا نظر اچي رهيا هيا. هن هڪ اهر ۽ ڏکي جنگ جو آغاز ڪيو هو ۽ هن موقعي جي اهميت کيس بيچين ٻ بنايو هو ته ساڳئي وقت سندس توجه ايندڙ وقت جي فضول پيشنگوين طرف پڙ راغب ٿي ويو هو، جنهن سان، غيب جي علم جي اصولن موجب، مستقبل جي ڪنهن ٻ ڳالهه جي ڄاڻ حاصل ڪري پئي سگهجي.[32] هن لبينيَس کي، پنهنجي هڪ شاندار خط ۾،[33] پنهنجي جستجو جي باري ۾ آگاهه ڪيو هو جيڪا في الحال هائروپولس شهر تائين محدود هئي جنهن ۾ سندس خداداد ذهني لياقتن ۽ ائٽنٽڪ جي پيغمبر سان سندس نازڪ دوستيءَ بابت کيس ٻڌايل هو.

هائروپولس جو شهر، جيڪو فرات[34] نديءَ جي ڪناري تي ٽهيل هو، روم جي فوجن جي گڏ ٿيڻ لاءِ چونڊيو ويو هو. جن فورن ٻيڙين جي پل ٺاهي، جنهن کي ٽورو اڳ تعمير ڪيو ويو هو،[35] وڏي نديءَ کي اُڪاريو. جيڪڏهن جولين جا ارادا ٻ سندس جانشين سان ملندڙ جلندڙ هجن ها ته هو سال جو بهترين ۽ دلفريب موسر سموسانا جي سرڪس يا ايڊيسا جي ڪليسائن ۾ گنوائي ڇڏي ها، پر هي جنگجو شهنشاهه، جنهن پنهنجي پسند جو ماڊل ڪانسٽنٽيَس جي بجاءِ، سڪندر اعظم کي چونڊيو هو، بنادير جي ڪيُ ڪري ڪارهي پهتو[36] جيڪو ميسوپوٽيميا جو هڪ قديمي شهر آهي ۽ هائروپولس جي وڏي شهر کان اسي ميل پري آهي. چند جي مندرَ جولين جي عقيدت کي ڇڪ ڪئي، پر ساڳئي وقت فارس جهڙي اهر جنگ جي زبردست تيارين لاءِ وقت ٻ گهربل هو. هن مهر جوئيءَ جو راز فقط سندس ٿي سيني ۾ سانڊيل هو، پر جيئن ته ڪارهيءَ جي هنڌ تي ٻ رستا هڪ ٻئي کان جدا ٿين ٿا ته هو ان ڳالهه کي وڌيڪ لڪائي نه سگهيو ته هو دجلہ جي طرف کان يا فراط جي ڪنارن کان ساپور جي حڪومت تي حملو ڪندو. پنهنجي هڪ عزيز پروڪوپيَس ۽ ساڳي وقت سيباستين، جيڪو مصر جو حاڪر هو، جي ڪمان هيٺ هن ٽيهن هزارن تي مشتمل سپاهين

جي فوج حملي کرڻ لاءِ موڪلي ڏني. کين حڪر ٿيو هو ته هُو نِسبِس طرف وڌن ۽ دجلہ تائين پهچڻ جي گَس کي هٽ کرڻ کان اڳ، دشمن جي اجاين حملن ۽ کاهُن خلاف پنهنجي سرحد کي مضبوط کن. سندن پوءِ وارن معرکن کي جنرلن جي مرضيءَ تي ڇڏيو ويو. پر جولين اها آسَ ٿي رکي ته ميديا ۽ اديابين جي زرخيز ضلعن کي تراربن جي مُنهن ۾ ڏيڻ کانپوءِ، اُهي، فرات جي کنارن سان پنهنجن وڌندڙ قدمن کي تيز کندا. شايد ساڳئي وقت تي فارس جي بادشاهت جي گاديءَ جي هنڌ ٽيسيفان * جي چار ديوارين تائين پهچي ويندا. هن فوجي معرکي جي کاميابيءَ جو دارومدار، گهٽي ياڳي آرمينيا جي بادشاهہ جي طاقتور مدد تي منحصر هو جنهن روم وارن[37] جي مدد کرڻ جي سلسلي ۾ چار هزار گهوڙن ۽ ويهہ هزار پيادل فوج موڪلڻ جو واعدو کيو هو. پر آرمينيا جو بزدل بادشاهہ آرسيسز تيرانَس[38] پنهنجي پيءُ خسرو کان بہ ذلت ۽ خواريءَ ۾ اڃا اڳتي هليو ويو هو ۽ ٽريڊيٽس + جي مردانگيءَ وارن واکاڻ جهڙن گٽن کان بہ ٻٽيرو ٿي ويو هو ۽ جيئن ته گيدي حاکر کنهن بہ خطري واري شانائتي کر کرڻ کان عاري هو تنهنکري هن پنهنجي بزدليءَ کي مذهب ۽ احسانمندي جهڙن مانائتن پردن ۾ لکائڻ ٿي چاهيو. هن کانسٽنٽيَس جي ياد کي مقدس ۽ مانائتن لفظن ۾ ورجايو جنهن جي هٽن مان کيس اولمپيَس سان شادي کيس تحفي ۾ ملي هئي جيکا منهندار ائبليويَس جي ڏيءُ هئي: ان سان گڏوگڏ کيس هڪ عورت جو سات بہ مليو جيکا ايندڙ وقت ۾ شهنشاهہ کانسٽنس جي هڪ پڙهيل لکيل زال ٿيڻي هئي ۽ جنهن هڪ بربر بادشاهہ جي مان شان کي مٽاهون بنائي ڇڏيو هو.[39] تيرانَس جي وابستگي عيسائي مذهب سان هئي ۽ سندس رعيت جا ماڻهو بہ گهٽو کري عيسائي هيا تنهنکري سندس ذهن ۽ ضمير اها اجازت کيس هرگز نٿي ڏني ته هو ان جنگ ۾ روم وارن جي فتح ۾ کا مدد کري جنهن سبب کليسا جي آقي باقي تباهيءَ جو عمل بہ پورو ٿي وڃي. تيرانَس جيکو اڳ ۾ ئي بيزار هو، ويتر جولين جي ان ذهنيت کان تپي باهہ ٿي ويو هو ته هو آرمينيا جي بادشاهہ کي پنهنجو غلام ۽ ساڳئي وقت ديوتائن جو کيس دشمن سمجهندو هو. جولين جي شهنشاهي حڪمن[40] جن ۾ سندس تکبر گاڏڙ ڏڪا پڻ شامل هيا، بادشاهہ جي اندر واري انسان کي جِهنجهوڙي جاڳايو، جيکو، تورڙي جو نيڇائيءَ مان مٿس پاڙيندڙ بہ هيو، پر پوءِ پي آرسيسائيڊس جو شاهي حسب نسب رکندڙ هيو جيکي اوپر جا منهندار ۽ سردار رهيا هيا ۽ روم جي طاقت ۽ دٻدٻي جا سخت مخالف پڻ هيا.

جولين جا فوجي انتظام ۽ سندس حڪمت عملي ايڏي تہ هوشياريءَ سان ڪاهي وئي هئي جو ان ۾ دشمن طرفان جاسوسي کرڻ جي کوششن کي پوريءَ طرح ناڪام کرڻ جي صلاحيت موجود هئي ۽ جنهن ۾ ساپور جو توجهہ ٻي طرف هٽائڻ جا حربا پڻ شامل هيا. فوجن جي وڌڻ جو رخ هاٿي نِسبِس ۽ دجلہ ڏانهن هيو. پر اوچتوئي اوچتو هو ساڄي طرف موڙيا، کارهي جي کُليل ميدانن تي پکڙجي ويا ۽ ٽئين ڏينهن تي فرات جي کنارن تائين پهچي ويا جتي مٿسيڊونيا جي بادشاهن طرفان جوڙايل هڪ مضبوط ۽ وڏو شهر نائيسفوريَر يا کالينيکر موجود هو. هن هنڌ کان شهنشاهہ فرات نديءَ جي وهکرن سان گڏوگڏ تيزيءَ سان وڌندو نوي ميلن تائين اڳتي هليو ويو. جيستائين، ائٽڪ کان رواني ٿيڻ کان هڪ مهيني کانپوءِ، آخرکار هن سرسيسيَر جي شاهکار منارن کي ڳولي لڌو* جيکي روم جي شهنشاهت جي ڏوارانهين ۽ آخري حدن تي ٺهيل هيا. جولين جي فوجَ، جيکا سيزرس منجهان کنهن بہ هن وقت

تائين. فارس جي خلاف ايڏي وڏي پئماني تي جمع نہ ڪئي هئي، پنجهٺ هزار جاننڻ جوانن تي مشتمل هئي جنهن ۾ سيئي سپاهي سڪيا ورتل ۽ فوجي نظر ۽ ضبط سان وڙهڻ جا ماهر ليکيا ويندا هيا. روم وارن توڙي بربرن جا پيادل ۽ گهوڙسوارن جا جٿا ملڪ جي مختلف صوبن منجهان چونڊيا ويا هيا جن ۾ گال جا وفادار ۽ ويڙهاڪ گهٽي ۾ گهٽا هيا جن پنهنجي محبوب شهنشاهہ توڙي روم جي تخت جي پوريءَ طرح حفاظت ڪرڻ جو ذميواريون سنڀالي ورتيون هيون. هڪ مختلف آبهوا ۽ ذري گهٽ هڪ نئين دنيا جي ملڪ اسڪيٿيا جي بهادر فوجين کي پڻ مددگارن جي جٿن ۾ شامل ڪيو ويو هيو. جيڪي ويچارا نئين ماحول ۽ ملڪي حاتلن کان بنهہ بيخبر هيا. جنگين ۾ جيڪا ڦُرلٽ تيندي آهي، شايد ان لالچ کان هرڪجي رولو عربن جا قافلا بہ هن جنگ ۾ شامل تي ويا هيا جن کي جولين حڪر ڏئي پنهنجي فوج ۾ شامل ڪيو هو. جڏهن تہ هن اُنهيءَ روايتي رقم ڏيڻ کان کين انڪار ڪيو هو جيڪا اهڙن موقعن تي آڇي ويندي آهي. فرات جي وسيع ۽ ويڪرن ڪنارن تي[41] يارهن سؤ جنگي جهازن جو هڪ آرماڙ بيڙل هيو جيڪو رومي فوجين جي چڑهڻ ۽ جنگي ضرورتن جي پورائيءَ لاءِ وقف ڪيل هو. ان آرماڙ جي فوجي طاقت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ ان ۾ پنجاهہ سامونڊي جهاز شامل هيا جيڪي اسلحي ۽ جنگي سامان سان ڀريل هيا، ان کانسواءِ اوتريون ٻيڙيون پڻ موجود هيون، جنڪي جنگي ضرورت پوڻ تي ملائي هڪ عارضي پل بہ ناهي پئي سگهجي. باقي سامونڊي جهاز جيڪي ڪاٺ جا ٺهيل ۽ جانورن جي ڪلن سان ڊڪيل هيا ۽ اٺڪٺ اسلحي توڙي ٽانوَن ٽپن ۽ ڪاڌي پيتي جي جنسن سان ڀريل هيا. جولين جي انساني دوراندیشي ايتري تہ سلجهيل هئي جو هن وڏي تعداد ۾ بسڪوٽ ۽ سرڪو پڻ پنهنجي سپاهين جي ڪاڌي خوراڪ لاءِ مهيا ڪري ڇڏيو هو پر هن شراب نوشيءَ جي سختيءَ سان منع ڪئي هئي تہ ساڳي وقت اُٽن جي اجائي استعمال کان بہ پنهنجين فوجين کي روڪيو هيو ڇو تہ اُهي اجايو فوج جي پويان پيا ايندا ويندا هيا. چابوراس ندي، سيسيَر[42] وٽ فرات ۾ چوڙ ڪري تي ۽ جيئن ئي طبَل جي وڄڻ فوجن کي اڳتي وڌڻ تي آماده ڪيو تہ رومين اُن نديءَ نهر کي اُڪاريو جيڪا ٻن تمام طاقتور ۽ هڪ ٻئي جي مخالف شهنشاهتن کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري تي. قديم نظم ۽ ضبط موجب جنگ کان اڳ، تقرير ڪرڻ ضروري هوندي هئي ۽ جولين هن سلسلي ۾ ڪو بہ موقعو ضايع نہ ڪيو جنهن ۾ هن پنهنجي تقرير جي فصاحت بلاغت جو مظاهرو نہ ڪيو هجي. هن پنهنجن اُتاولن ۽ جوشيلن فوجين ۾، پنهنجن ابن ڏاڏن جي اٽوٽ همت ۽ بهادري ۽ شاندار فتحن جا مثال ڏئي، جرئت ۽ بي ڊپائيءَ جو روح ڦوڪيو. هن، فارس وارن جي بي ادبي ۽ گستاخي جي مثالن سان کين غصو ۽ غيرت پڻ ڏياري ۽ کين تاڪيد ڪيو تہ سندس اٽمٽ عزم جي تقليد ڪن تہ هو يا تہ ان عهد ٽوڙيندڙ ۽ دغاباز قوم جو وجود ئي ختم ڪري ڇڏيندو يا وري سڄي جمهوريہ جي وقار ۽ خوشنوديءَ لاءِ پنهنجي سڄي زندگي وقف ڪري ڇڏيندو. جولين جي اثرائتي تقرير تي داد ملڻ جي نتيجي ۾ هر سپاهيءَ کي چانديءَ جا هڪ سؤ ٽيهہ ٽڪرا تحفي ۾ ڏنا ويا ۽ هاڻي چابوراس جي پل کي هڪدم ڊاهيو ويو جنهن مان اهو اشارو کين مليو هو تہ هاڻي سندن حفاظت ۽ سلامتيءَ جو دارومدار فقط ۽ فقط جنگ ۾ سندن ڪاميابيءَ تي رکيل هو. ان هوندي بہ شهنشاهہ دوراندیشي ڪندي هڪ ڏورانهين سرحد کي پنهنجي قبضي ۾ رکيو جيڪا اڳ سندس مخالف عربن جي مسلسل حملن سبب خطري جو باعث رهندي

Julian's campaign against the Persians, AD 363

هئي. چار هزار فوجين جي هڪ مضبوط جٿي کي سرسيسيَر وٽ چڏيو ويو جنهن کي ايا وڏيڪ وڏائي ڏهن هزارن تائين کيو ويو ته جيئن هن اهر قلعي تي دائمي فوج جي موجودگيءَ کي يقيني بنائي سگهجي.[43]

جيئن ئي روم جون فوجون دشمن جي ملڪ اندر داخل ٿيون،[44] ته چالاڪ ۽ هردم تيار دشمن جي ملڪ پنهنجين فوجين کي تن طرفن ڏانهن وڏڻ جو حڪم ڏنو.[45] پيادل فوج ۽ آخرڪارسڄي فوج کي مرڪز ۾ سندن مڪيہ جنرل وڪٽر جي ڪمان هيٺ ڪيو ويو. ساڄي طرف، ڪيترين ئي فوجن کي فرات جي ڪناري سان سندن بهادر جنرل نوينا جي حڪم هيٺ رکيو ويو جتي جنگي ساموندي ٻيڙو هميشہ سندن نظر ۾ هوندو هو. فوج جي کاٻي طرف کي گهوڙيسوار فوج جي مدد سان محفوظ بنايو ويو هو. هورمسدس ۽ ارنٽيَس کي گهوڙيسوار فوج جو جنرل بنايو ويو هو ۽ هورمسدس جا ڪمال جا ڪارناما[46] اسانجي توجہ کان هرگز نہ هٽيا آهن. هو فارس جي قوم جو هڪ ساساني نسل جو شهزادو هو. جيڪو ساپور جي اقليتي تڪليفن جي ڏينهن ۾ جيل مان ڀڄي نڪتو هو ۽ ڪانسٽنٽائن جهڙي عظيم ماڻهو جي گهَر جي مهمان نوازيءَ ۾ وڃي پناهہ ورتي هيائين. هورمسدس پهريون ته رحم جو طلبگار ٿيو پر آخرڪار پنهنجن نوَن مالڪن کان پنهنجي عزت ڪرائڻ ۾ ڪامياب رهيو؛ سندس بهادري ۽ وفاداريءَ سبب ڪيس روم جي فوجي خدمتن ڏيڻ جو اعزاز بخشيو ويو. ۽، توڙي جو هو عيسائي هو، پر هو ان قابل هيو ته پاڻڪي هڪ ڳجهي ۽ اطمينان بخش خوشيءَ جو يقين ڏياري ته هڪ مظلوم رعيت جو ماڻهو هڪ خطرناڪ دشمن ثابت ٿي سگهيٿو. اهڙيءَ طرح فوج جي ٻِطرفي ورڇ ان طريقي سان ڪئي وئي هئي ته سامهون توڙي پاسن جي حفاظت تي مقرر ٿيل فوجون ليوسيلئيَس جي نظرداريءَ هيٺ هيون ۽ اُنهن سان گڏ گهٽ خطرناڪ هٽيارن وارا پندرهن سؤ سپاهي پڻ هيا جيڪي پري کان ئي خطري جي نشانين ڏسڻ شرط وڏيڪ محتاط ۽ ترت تيار ٿي ويا ته جيئن ڪنهن بہ خطري جو اڳواٽ ئي ٻلو ۽ بندوبست ڪري سگهجي. ڊاگلائيفَس ۽ سيڪنديَس جيڪي آرهين جا حاڪر هيا، پوئين طرف جي فوجين جي رهبري ڪري رهيا هيا ته ساڄئي وقت سامان وغيره جو بہ خيال ٿي رکيائون ۽ فوجي جٿن توڙي اُنهن جي مختلف شعبن کي غور سان سنياليندا هيا ته جيئن دشمن کي سندن فوجي نشوونما جر اندازو ٿي وڃي ۽ اهو ظاهري ڏيکاءَ جو ڪر ڪليل ۽ فوجين جي هلڻ ۽ اڳتي وڏڻ جي اهڙي ته منظر طريقي سان ڪيو ويو جو فوجن جون قطارون ڏري گهٽ ڏهہ ميل ڊگهيون نظر ٿي آيون. جولين پاڻ مرڪزي محاذ ٿي سنياليو، پر جيئن ته هن حاڪر جي پيٽ ۾ هڪ جنرل جي ڊيوٽي ڏيڻ کي وڏيڪ اهميت ڏني ته هو هڪدم گهوڙيسوار فوج جي هڪ ننڍي دستي کي ساڻ وٺي اڳتي وڏيو ۽ سامهون واري هراول دستي، پويان توڙي پاسن وارن محاذن يا جتي بہ رومي فوجن کي همٿائڻ ۽ سندن حوصلي کي وڌائڻ جي ضرورت ٿي پئي ته جولين هر ان جڳهہ تي پهچي ٿي ويو. اُهو ملڪ، جنهن منجهان هو چابوراس کان وٺي اسيريا جي ڪيڙيل زمينن تان گذريا هيا، عربستان جي وڏي رڻ پٽ جو حصو هو ۽ ايترو ته خشڪ ۽ غيرآباد هو جيڪو ڪيترين بہ انساني ڪوششن سان هرگز آباد ٿي نٿي سگهيو. جولين ساڄيا پَڻ لتاڙيا جن تان ست سؤ سال اڳ نوجوان سائرس گذريو هو ۽ جنهن جو ذڪر درويش ۽ بهادر شخص زينوفن[47] ڪيو آهي جيڪو سندس مهر جو ويجهو ساٿي هيو. سڄو ملڪ هڪ سنئين سڌي رڻ پٽ جيان، ۽ سمنڊ وانگيان سانتيڪو ۽ هموار هو، جتي وليون، ٻوٽا ۽ ڊِڙَ نظر ٿي آيا پر وٽن جو ڪٿي ڪو نالو نشان بہ ڪو نہ هو. نيرڱ، شتر مرغ، روجهہ (ڏاڙها) ۽ جهنگلي گڏهہ ئي فقط هن برپٽ

بيابان جا رهواسي هيا،[48] ۽ هن رڊ پٽ جي سفر جو ڪُڪُ تڏهن ڪجهه هلڪو ٿي ٿيو جڏهن تماشي خاطر انهن جانورن جي پٺيان ڊوڙڊ ۽ ڪيڙ لڳڻ جو روڻشو ڪرڻو ٿي پيو. رڊ پٽ جي وارِي تيز هوا لڳڻ سان مٿي ٿي اُڏاڻي ۽ آسمان تي واريءَ جا ڪڪر چانڀجي ٿي ويا ۽ جولين جي فوج جا ڪيترائي سپاهي پنهنجن تنبُن سميٽ ٿاڻڙ جي ان وقت زمين تي ڪري ٿي پيا جڏهن ٻه ڪو هوا جو سخت تيز جهوٽو اوچتو گهلي ٿي پيو.

ميسوپوٽيميا جي وارياسن رڊ پٽن کي ٿ فقط روڇهن، جهنگلي گڏهن ۽ ٻين جانورن جي حوالي ڪيو ويو هو پر آبادي۽ وارا ڪيترائي شهر توڙي ڳوٺ، فرات جي ڪنارن سان خوبصورتيءَ سان آباد هيا ۽ ان ڪانسواءِ ٻيٽ جيڪي ان نديءَ ڪڏهن ڪڏهن قائم ڪيا هيا ٿ اُنهن تي ٻه ماڻهو آباد هيا. اناهه يا اناتو جو شهر[49] جيڪو عرب امير جي اصلي رهائش گاهه هئي، ان ۾ ٻه ڊگهيون گهٽيون هيون، جنهن ۾ فطري طور تي ٽهيل هڪ ٻيٽ هيو جيڪو بلڪل وچ تي هيو ۽ فرات جي ٻنهي ڪنارن تي ٻه هنڌ اهڙا ٻه هيا جتي ميوا موجود هيا. اناتو جي جنگجو رهواسين جرئت جو مظاهرو ڪندي روم جي شهنشاهه کي اڳتي وڌڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پر پوءِ شهزادي هورمسدس جي ايلازن ۽ منٽن تي هو ان موتمار قدم کٹڻ کان پنتي هٽي ويا ۽ وري کين سامونڊي ٻيڙي توڙي فوج جي ڪڙڪڻ جو خوف ٻه کين گهٽو هو. پوءِ اُنهن نِوڙت ڪندي پنهنجا عرض پيش ڪيا جو ٿ هو جولين جي رحم دليءَ جو تجربو ٻه ڪري چڪا هيا. نيٽ جولين سندن عرض اگهائيندي کين شاهه ۾ چالسز جي هڪ سئي آبادي۽ ۾ موڪلي ڏنو جتان جي گورنر پُسيَس کين مان ڏنو ۽ پنهنجي خدمتن آڇڻ جو اعزاز ٻه کين بخشيو. پر ٿلوٿا جو نه فتح ٿيندڙ قلعو، گهيري جي خطري تي ڏنوليون ڪري رهيو هو، تنهنڪري شهنشاهه هڪ بيعزتي واري واعدي تي مجبور ٿي خاموش ٿي ويو ٿ جڏهن هو فارس جي ٻين اندروني صوبن کي آڻ مڇڻ تي مجبور ڪندو ٿ ان وقت ٿلوٿا پڻ سندس فتح تي کيس مان ڏيندو ۽ شهنشاهه کي اُها موٽ ڏيندو جيڪا هڪ فاتح کي ملندي آهي. کليل شهرن جا رهاڪو، جيڪي نه ٿ مقابلو ڪري ٿي سگهيا ۽ نه وري آڻ مڇڻ لاءِ تيار هيا، پاڻ کي ڪمزور سمجهندي پڇي ويا ۽ سندن گهر، جيڪي برباد هيا پر اُنهن ۾ کاڌي خوراڪ جو سامان موجود هو، جولين جي سپاهين جي قبضي ۾ اچي ويا جن، گهرن جي لاوارث عورتن کي، بغير کنهن رحم ۽ سزا جي خوف جي، قتل ڪري ڇڏيو. فوجي مهم جوئيءَ دوران سوريناس يا فارس جو جنرل ۽ مَلڪ رودوسيسز، جيڪو غاسن قبيلي جو[50] نامياروامير هو، فوج جي اردگرد پٹي ڦريو ۽ جنهن هر شڪي يا رولو ماڻهوءَ کي روڪي پڇا ڳاڇا ٿي ڪئي، هر فوجي جٹي تي حملو ڪيو ٿي ويو ۽ بهادر هورمسدس ٻه مشڪل سان سندن هٽن مان بچي ۽ پڇي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. پر آخرڪار بربرن کي پڇائي ڏيڻ ويو ۽ ملڪ ۾ گهوڙيسوار فوج جي استعمال جا امڪان روز بروز گهٽ اثرائتا ٿيندا ويا ۽ جڏهن رومي فوجون مسسيپريڪتا شهر ۾ داخل ٿيون ته اُنهن هڪ تباهه ٿيل ديوار ڏٺي جيڪا ميڊس جي حملن کان پنهنجي حڪومت جي بچاءَ ڪرڻ خاطر اسيريا جي قديمي بادشاهن تعمير ڪرائي هئي. جولين جي ايندڙ وقت جي حملي کان اڳ اهڙين بنيادي ڳالهين جي سمجهڻ ۽ پروڙڻ ۾ پندرهن ڏينهن لڳا ۽ اسانجي اندازي موجب سرسيسيَر جي قلعي کان وٺي مسسيپريڪتا جي ديوار تائين جو مفاصلو ٽي سؤ کن ميل ٿيندو.[51]

اسيريا جو سرسبز ۽ آباد صوبو[52] جيڪو دجلہ جي حدن کان بہ پرتي کان شروع ٿي ميديا[53] جي جبلن تائين ۽ وري مشسپريڪٽا جي ديوار کان بصري جي حدن تائين چار سؤ ميلن تائين پکڙيل آهي، اتي دجلہ ۽ فرات جون ٻئي ندين ايراني نار ۾ وڃڙڪن ٿيون.[54] سڄي ملڪ جو خاص نالو ميسوپوٽميا رکيو ويو * ڇو تہ بہ ندين جيڪي هڪ ٻئي کان پنجاھ ميلن کان مٿي پنڌ تي ناهن. سي بغداد ۽ بابل جي وچ ۾ فقط پنجويهن ميلن جي مفاصلي تي پاڻ ۾ ملن ٿيون. کيترائي هٿرادو واهہ جيڪي نرم ڌرتي ۽ کونڊري زمين تي کوٽيا ويا هيا ۽ جن جي کوٽائيءَ ۾ محنت بہ گهٽ ٿي هئي، اُنهن ذريعي ہن ندين کي پاڻ ۾ اسيريا جي ميدان تي ملايو ويو هيو. هن مصنوعي واهن جي استعمال جا طريقا مختلف ۽ اهم هيا. اُنهن جو خاص مقصد اهو هو تہ جيڪو واڌارو پاڻي هو انکي هڪ کان ٻي ندي ۽ ۾ ان مُند ۾ وهايو ويندو هو جڏهن اُنهن ۾ ٻوڏ ايندي هئي. اُنهن واهن منجهان ننڍا ننڍا ڪڙيا ۽ کسيون نکرنديون هيون جن ذريعي خشڪ ۽ غيرآباد زمينن کي پاڻي ڏنو ويندو هو تہ ساڳئي وقت مينهن نہ وسڻ جي صورت ۾ پڻ پاڻي ۽ جي ڪوٽ جو واهن، ڪڙين ۽ کسين ذريعي، پورائو ڪيو ويندو هو. اُنهن ذريعي امن ۽ واپار کي بہ هٿي ملندي هئي ۽ جيئن تہ ڏٻر ڪڏهن ۽ ڪهڙي وقت بہ ٽُٽي ٿي سگهيا تہ اُنهن اسيريا وارن جي نااُميديءَ کي ختم ڪرڻ ۽ اوچتي ٻوڏ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ حملي ڪندڙ فوج جي واڌاري ۽ فتح جو ٿي سوچيو. اسيريا جي زمين ۽ موسم ڪجهہ اهڙي قسم جا هيا جو اتان جا ماڻهو بهترين تحفن کان محروم هيا جهڙوڪ انگور يا ڊاک جون وليون، زيتون ۽ شهتوت وغيره، پر کاڌو خوراڪ جيڪو انسان جي جياپي لاءِ بيحد ضروري آهي جيئن ڪڻڪ، جَوَ وغيره جو فصل تمام گهٽي انداز ۽ زرخيزيءَ سان پيدا ٿيندو هو ۽ هاري جيڪو بج زمين ۾ پوکي ايندا هيا تہ ہن کان ٽن سوَن جي رقم جو واڌارو انعام طور کين ڏنو ويندو هو. سڄي ملڪ ۾ جڳهہ جڳهہ تي بيشمار تاڙي يا کجيءَ وانگر وڻن جا جُهڳٽا نظر ايندا هيا[55] جن بابت اتان جا اُوچ ماڻهو ٽي سؤ سڪ فائدا ڳڻائيندا هئا جيڪي وڻن جي ٽُڙن، شاخن، پنن، اُنهن جي رَس ۽ ميوَن منجهان ماڻهن کي حاصل ٿيندا هيا ۽ اتان جا رهواسي نثر توڙي شاعريءَ ۾ اهڙين نعمتن جي تعريف کندا هيا ۽ اُنهن جو جشن ملهائيندا هيا. کيترائي کارخاتيدار ۽ خاص طرح چمڙي ۽ ڪپڙي جا واپاري بيشمار ماڻهن کي نوڪرين ۾ رکندا هيا جيڪي قيمتي مال کي پرڏيهہ جي ڏنڊي ۽ واپار لاءِ استعمال کندا هيا. پر بدقسمتيءَ سان اهڙي ڏيتي ليتي اڪثر ڪري مقامي ماڻهن جي بجاءِ ڌارين جي هٿ وس هوندي هئي. بابل جي شهر کي شاهي پارک ۾ تبديل ڪيو ويو هيو پر قديم گاديءَ جي هنڌ جي تباهيءَ ڪانپوءِ، وقفي وقفي سان نوان شهر تعمير ٿي چڪا هيا ۽ ملڪ جي آدمشماريءَ کي، لاتعداد شهرن ۽ ڳوٺن جي صورت ۾. ظاهر ڪيو ويندو هو جيڪي سڄ جي تپش تي پڪل سِرُن منجهان اڏيا ويندا هيا ۽ سِرن کي وري تارڪول يا ان جهڙي چنبڙندڙ معدي سان هڪ ٻئي سان جوڙيو ويندو هو ۽ اهي سيئي نعمتون بابل جي بهترين زمين جو تحفو هيون. جڏهن سائرس جا گادي نشين ايشيا تي حڪومت کندا هيا تہ ان وقت اسيريا جو صوبو فقط اهڙو هيو جيڪو ان عظيم بادشاهہ جي بورچيخاني جو نہ رڳو خرچ برداشت کندو هو پر سال جي ٽئين حصي ۾ پي کاڌي خوراڪ جو جهجهو مقدار مهيا ڪندو هو. چار سؤ گهرن جي ڏيوٽي فقط اها هئي تہ هو هندستان مان آندل سندس ڪتن، اٺ سؤ لائو گهوڙن (نسل پيدا ڪرڻ وارن) ۽ سورهن سؤ گهوڙين جي پالڻ سانيڻ جو بندوبست حڪومت جي خرچ تي کندا رهن؛ ۽ شاهي اصطبل يا ڪُڙهہ تي جيڪو روزاني خرچ جو نڏرانو صوبيدار*

کي ڏنو ويندو هو ان جي قيمت چاندي جي هڪ انگريزي بشيل (32 سيرن جي برابر) جيتري ٿيندي هئي، جنهن مطابق اسان جيڪڏهن اسيريا جي سالياني ناڻي جي خرچ جو تخمينو لڳايون تہ اُهو انگريزي جي ٻارهن هزار پائونڊ استرلنگ جي لڳ ڀڳ وڃي ٿيندو.[56]

جولين اسيريا جي زمينن کي، جنگ جي تڪليفن ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هيو. ۽ جيڪي روم جي صوبن جي شرپسند ماڻهن طرفان ڦرلٽ يا ظلم جا واقعا ٿيندا هيا تہ اُنهن تي شهنشاهہ پنهنجو فورن رد - عمل جو اظهار ڪندو هو پر ان ۾ ويچارا بيقصور ماڻهو اڪثر ڪري متاثر ٿيندا هيا. اسيريا جا ڏنل ۽ ڪنبندڙ ماڻهو ندين کي پنهنجي مدد لاءِ استعمال ڪندا هيا ۽ اهڙيءَ طرح هو پنهنجي ملڪ جي بربادي کي پنهنجن هٿن سان پاڻ تڪميل تي پهچائيندا هيا. ندين جي پاڻيءَ سبب رود رستا استعمال جي قابل نہ رهندا هيا ۽ هر طرف پاڻيءَ جي ٻوڏ پٺي نظر ايندي هئي ۽ ڪيترن ڏينهن تائين جولين جي فوج کي سخت تڪليفون سهڻيون پيون. پر پوءِ فوجين جي عزم ۽ همت ذريعي هر تڪليف کي دور ڪيو ويو چاڪاڻ تہ سندن پرورش ئي محنت ڪرڻ ۽ خطرن کي منهن ڏيڻ سان ٿي هئي ۽ وري سندن ليڊر پڻ سندن حوصلي وڌائڻ ۽ جذبن کي جيارڻ جو وڏي ۾ وڏو ڪارڻ هو. آهستي آهستي نڪصان جا اثر گهٽ ٿيندا ويا. پاڻيءَ کي ان طرف واپس ڪيو ويو جتان آيو هو. تاڙيءَ جي وٽن جي جهڳڻن کي کپي، ٽڪرا ٽڪرا ڪري اُتي اڇلايو ويو جتي رستا پاڻيءَ جي وهڪري سبب ڪٽجي ويا هيا ۽ فوج جا ماڻهو ترندڙ تختن ۽ ٻيڑين ذريعي وڏن ۽ اونهن واهن مٽان اُڪري آخرڪار ٽپي پار پهچي ويا. اسيريا جي ٻن شهرن، روم جي شهنشاهہ جي هٿيارن جي پرواهہ نہ ڪئي ۽ انجي اختيارن کي للڪاريو پر پوءِ ڪين پنهنجي اُبهرائي ۽ بيوقوفي جو سخت نتيجو پوگٹو پيو. ٽيسيفان جي شاهي محل کان فقط پنجاهہ ميلن تي پيرسابور يا انبر سڄي صوبي جو ٻيو نمبر وڏو شهر هو جيڪو ڪافي ڪشادو، وڏي آبادي وارو ۽ قلعن ذريعي محفوظ ڪيو ويو هو ۽ جنهن جي چوڌرد ٻڌي ديوار ٺهيل هئي ۽ فرات جي هڪ شاخ سندس پاسي ۾ هئي ۽ جنهن جي فوجي چوڪين ۽ قلعن ذريعي مضبوط حفاظت پڻ ڪئي وئي هئي. هورمسدس جي منٽن کي نفرت سان رد ڪيو ويو ۽ فارس جي شهنشاهہ جا ڪنڌ ان طعني سان پريا ويا تہ هن پنهنجي شاهي هٿ جي پرواهہ نہ ڪئي هئي ۽ پنهنجي ئي بادشاهہ ۽ ملڪ جي خلاف ڏاڙين جي فوج کي حملي ڪرڻ لاءِ وٺي آيو هو. اسيريا جي ماڻهن وڏي هوشياري ۽ طاقت سان پنهنجي وفاداريءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ اُهي پوءِ جلد ئي اندروني پناهگاهن ۽ قلعن جي حفاظت ۾ هليا ويا. جولين جا سپاهي بيصبريءَ مان شهر اندر هليا ويا ۽ پنهنجي فوجي ٻڪ جي مڪمل پورائيءَ ڪرڻ ڪانپوءِ، پيرسابور کي ڌاهي منڍيءَ ۾ ملايو ويو ۽ جن مشينن کي قلعي جي حملي لاءِ استعمال ڪيو ويو هو. اُنهن کي هاڻي هرندڙ ۽ ڏکندڙ گهرن جي تباهين مٽان لڳايو ويو. ٻنهي طرفن کان مقابلي کي مزائيلن جهڙن هٿيارن سان جاري رکيو ويو. رومين کي سائنسي هٿيارن جهڙوڪ مزائيلن ۽ منجنيقن + سنان پري کان مار ڪرڻ جي برتري حاصل هئي تہ وري جن تي حملو ڪيو ويو هو اُنهن کي ميداني فوج جي طاقت تي ناز هو. پر جيئن ئي هيليپولس + + کي تعمير ڪيو ويو جيڪو تمام اوچي دفاعي مورچي کي بہ نشانو بنائي سگهيو ٿي؛ ۽ هڪ هلندڙ چرندڙ برج، (جنهن ۾ جهاز ۽ ٻيو جنگي سامان رکي استعمال ڪبو آهي) جنهن آڏو نہ تہ ڪو مقابلو ڪري سگهي ٿو ۽ نہ ان ظالم هلندڙ برج کي کنهن تي رحم اچي ٿو. قلعي جي دفاع ڪندڙن کي سخت خوفزده ڪري ۽ بزدل

بڻائي ڇڏيو ۽ ان هنڌ کي، پيرسابور جي ديوارن هيٺ جولين جي ظاهر ٿيڻ کان فقط ٻه ڏينهن پوءِ پيش پوڻو پيو. ٻه هزار پنج سؤ عورتن ۽ مردن توڙي بچيل خوشحال ماڻهن کي نوڪري ڇڏڻ جي اجازت ڏني وئي ۽ اَنَ ۽ اسلحي جا انبار توڙي فرنيچر جو ڪجهه حصو فوجين ۾ ورهايو ويو ۽ باقي بچيل حصو عوام جي بهبود لاءِ رکيو ويو: بيڪار اسٽورن کي يا ته باهه ڏئي ساڙيو ويو يا وري فرات نديءَ جي وهڪرن ۾ اڇلايو ويو ۽ اميدا جي مقدر جو بدلو پيرسابور جي مڪمل تباهيءَ جي ذريعي ورتو ويو.

موگاملچا جو شهر، بلڪ قلعو، جنهن کي سورهَن وڏن مناران، اونهي کاهي، سِرن ۽ تارڪول منجهان تعمير ڪيل انتهائي مضبوط ديوارن ذريعي محفوظ ڪيو ويو هو، لڳي ٿو ته فقط يارهن ميلن جي مفاصلي تي جوڙيو ويو هو انکي فارس جي گاديءَ جي هنڌ جي بچاءَ طور ٺاهيو ويو هيو. شهنشاهه، جنهن کي اهڙي اهم قلعي کي پلٽي ڇڏڻ تي ڪجهه شڪ هيا، فورن هن موگاملچا جو محاصرو ڪيو ۽ هن مقصد ماٽڻ لاءِ روم جي فوج کي ٽن ڊويزنن ۾ ورهايو ويو. وڏن، جيڪو گهوڙيسوار فوج توڙي مضبوط پيادل فوجي دستي جو اڳواڻ هو، کي حڪم ڏنو ويو ته ملڪ کي دجلہ جي ڪنارن کان وٺي ٽيسيفان جي ننڍن شهرن تائين دشمنن جي خطري کان آجو ڪري ڇڏي. هن حملي جي سربراهي جولين خود پنهنجي ذمي ڪئي. جنهن پنهنجي اُميدن ۽ اعتماد جو سهارو فقط اُنهن فوجي انجڻن کي ٺاهيو هو جيڪي ديوارن جي ابتڙ بيهاريون ويون هيون، جڏهن ته هن فوجين کي شهر جي وچ ۾ پهچائڻ جو بهترين انتظام چپ چاپ ۾ ڪري ڇڏيو هيو. نيويتا ۽ گاليفَس جي حڪمن تي ٽوري ٽوري پنڌ تي کاهيون کوٽيون ويون هيون جن کي ايڏا وڏيڪ اونهو بنايو ويو هو. کاهين کي فوجين جي مسلسل محنت سان مٽيءَ سان پريو ويو. ديوارن جي پيڙهه ۾ بارودي سُرنگهون لڳايون ويون هيون جن کي وقفي وقفي سان ڪاٺ جي مدد سان تائر رکيو ويو هو. تن سائين، جيڪي ساڳي رفتار سان گڏجي اڳتي وڌي رهيا هيا، خاموشيءَ سان هڪ اونداهو ۽ خطرناڪ رستو ڳولي ڪڍيو، ته اوچتو سندس بهادر اڳواڻ چپ چاپ ۾ سُس پُس ڪندي کين اطلاع ڏنو ته هو پنهنجي قيد ۽ نظر بندي کي ختر ڪندي پاڻ دشمن شهر جي گهٽين مان نڪري نروار ٿيندو. جولين سندن جوش جذبي کي غور سان جاچيو ۽ اُميد رکي ته هو سندن ڪاميابيءَ کي يقيني بنائيندو ۽ اوچتو ئي اوچتو شور ۽ هڪ وڏي هجوم وارو غوغاءُ برپا ڪندي حملي ڪرڻ جي انداز سان هن پنهنجي فوجي دستي کي چرڪائي ڇڏيو. فارس وارا، جيڪي پنهنجين ديوارن کان، نفرت ۽ ڪاوڙ مان هن وڏي حملي جي تيارين بابت سڀ ڪجهه ڏسي رهيا هيا، پنهنجي طرفان فتح جا نعرا هڻائڻ ۽ ساڀور جي سوپ ۽ وقار کي ملهائڻ ۾ مصروف ٿي ويا، ۽ جرئت ڪندي شهنشاهه کي پَڪ ڏياريائون ته هو، موگاملچا جي اڄيت ۽ نهايت ئي مستحڪر شهر تي قبضي ڪرڻ کان اڳ، آرمزد + جي چمڪندڙ محل جو مالڪ ضرور ٿيندو. شهر تي اڳ ۾ ئي قبضو ٿي چڪو هو. تاريخ ۾ هڪ خانگي سپاهيءَ جو نالو درج ٿيل آهي جيڪو پهريون شخص هو جنهن بارودي سرنگهه کان سفر ڪري هڪ برباد شهر ۾ ديرو جمايو هو. رستي کي سندس ساٿين ڪشادو ڪري ڇڏيو هو جيڪي بهادري ۽ بيصبري سان ڏوکيندا اڳتي وڌندا ٿي رهيا. اندازي موجب پندرهن سؤ دشمن شهر ۾ اڳ ۾ ئي داخل ٿي چڪا هيا. فوجي دستي حيراني پريشانيءَ وچان ديوارن کي ڇڏي ڏنو ۽ سندن بچاءَ جي فقط هڪڙي صورت هئي، تنهنڪري هنن فورن گيٽن کي پڇي ڌاهي ڇڏيو ۽ هڪ سپاهيءَ جو بدلو جيستائين ان کي ڪنهن لالچ يا جنسي

خواهش جي ڪري ترڪ نه ڪري، تڏهن وڃي مائو ٽيو جڏهن انڌا ڏنڊ قتلام شروع ڪيو ويو. گورنر، جيڪو رحم جي واعدي ونڊ ڪانپوءِ پيش پيو هو، کي ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ زندهه جلايو ويو. مٽس الزام اهو هو ته هن شهزادي هورمسدس جي شان ۾ گستاخي ڪئي هئي. قلعن کي ڍاهي، تباهه ڪري مٽيءَ سان ملايو ويو. پر اهڙيءَ طرح جو رتيءَ جيترا آثار به ان ڳالهه جا ڪٿي نظر نٿي آيا ته موگاملچا جي شهر جو ڪڏهن کو وجود به هيو. فارس جي گاديءَ جي هنڌ جي پسگردائيءَ ۾ ٿي شاندار محلات هيا جن ۾ وڏي محنت سان عيش عشرت جي سامان کي سجايو ۽ سينگاريو ويو هو جنهن لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو ته اهو واقعي هڪ مشرق جي حاڪر جي ڏاڻ وٽان هيو. دجلہ جي ڪنارن سان باغيچن جي بناوٽ ۽ خوبصورتيءَ کي وڌائي، وڌيڪ سهڻو ڪري فارس وارن جي ذوق شوق مطابق ناهيو ويو هو، جنهن ۾ گلن ٻوٽن کي بهترين ترتيب سان لڳايو ويو هو، چشما لڳايا ويا هيا، ۽ پنڌ ڪرڻ لاءِ چاڻو ڪندڙ رستا ٺهرايا ويا هيا ۽ ڪشادا پارڪ فقط انڪري تيار ڪرايا ويا هيا ته جيئن رڇن، شينهن ۽ جهنگلي سوئرن جي آمد تي اُنهن جو استقبال ڪري سگهجي ڇو ته اُنهنکي پالڻ سانڍڻ تي تمام وڏو خرچ فقط انڪري ڪيو ويندو هو ته جيئن شهنشاهه خوش رهن، پارڪن جي ديوارن کي ڀڄي ڍاهيو ويو. سپاهين جي نيزن ۽ تيرن سان وحشياڻي شڪار کي ختر ڪيو ويو ۽ روم جي شهنشاهه جي حڪر تي ساپور جي محلاتن کي ڍاهي خاڪ ۾ ملايو ويو. هن موقعي تي جولين دستور تهذيب ۽ اخلاق جي قانون ۽ روايتن کان پنهنجي بيخبري يا لاپرواهيءَ جو اظهار ڪيو، جنهن مطابق مخالف ڌرين ۾ پي سڻن وقتن ۽ دؤرن جي روايتي دوراندیشي ۽ تهذيب جي قدرن جو لحاظ ضرور رکيو ويندو هو. تنهن هوندي به بيرحمي ۽ بيهودائيءَ واريون بربادي ۽ تباهيءَ جون هي ڳالهيون اسان جي دلين ۾ ڪاوڙ ۽ جوش جذبن واري رحم ۽ احساس جو جذبو پيدا نه ٿيون ڪري سگهن. يونان جي مصور جي هٿن سان ناهيل ۽ ڳهڙيل هڪ سادو ۽ اڳهاڙو مجسمو به، جهالت ۽ ظُلمن جي ناهيل قيمتي ۽ فضول قسر جي منارن ۽ يادگارن کان ڪيئي حصا وڌيڪ اهميت ۽ قيمت وارو آهي ۽ جيڪڏهن اسان کنهن جهوپڙيءَ کي باهه ۾ ساڙڻ جي مقابلي ۾ هڪ عاليشان محلات جي تباهيءَ کي وڌيڪ اهميت ڏيون ٿا ته پوءِ انساني ڏکن سکن، تڪليفن ۽ تباهين جي باري ۾ اهو يقين سان چئي سگهبو ته اسان انسان ذات جي گٽن ۽ آوگٽن جي باري ۾ نهايت ئي غلط اندازو لڳايو آهي.[57]

جولين، فارس وارن لاءِ خوف ۽ نفرت جي علامت بڻجي ويو هو ۽ ان قوم جي مصورن ۽ نقش نگارن سندن ملڪ تي حملي ڪندڙ جي تصوير ان خطرناڪ شينهن جيان ناهي هئي جيڪو هڪ تيز ۽ چيپون ڏيندڙ باهه کي پنهنجي واتان اُلٽين جي صورت ۾ باهر ڪڍي رهيو هيو.[58] ۽ پنهنجن دوستن ۽ سپاهين لاءِ، هي فيلسوف سپوت هڪ مانيٽو ۽ نرم دل هو ۽ سندس اخلاق ۽ ڳُڻ اڳ ايترا نمايان ڪڏهن به نه هيا جيترا سندس زندگي جي آخري سالن ۽ عملي زندگيءَ ۾ ڏٺا ويا هيا. هو سهپ ۽ برداشت جي خوبين ۽ خاصيتن کي، بغير کنهن مصنوعيت يا شعوري کوشش جي، پنهنجي عملن سان ظاهر ڪندو رهندو هو. هڪ مصنوعي ۽ آکڙ واري ڏاهپ جيڪا انساني ذهن ۽ جسر تي قبضو ڪري ويندي آهي، اُها کانئس دور هئي ۽ هو سختيءَ سان اُج ۽ بک جي ضروري ۽ فطري خواهشن کان به ڪڏهن ڪڏهن انڪار ڪري ڇڏيندو هو.[59] اسيريا جي گرم آبهوا، جيڪا عياش قسر جي ماڻهن کي پنهنجين شهواني خواهشن[60] کي خوش ۽ مطمئن ڪرڻ جي دعوت ڏيندي هئي، اُتي هن نوجوان فاتح پنهنجي پاڪدامنيءَ کي محفوظ

رکيو ۽ ان کي هر غلاظت کان بچايو؛ نہ وري جولين، تجسّس ۽ ڇاڻ رکڻ جي خواهش سان ئي سهي، ڪنڊهن بہ سندس قيد ۾ رکيل عورتن ڏانهن ويو جيڪي توڙي جو حسن جون ديويون هيون،[61] پر هن اک کٽي بہ اوڏانهن نہ نهاريو. جڏهن تہ اُهي عورتون، ڪنهن بہ مزاحمت ۽ مخالفت جي بجاءِ شايد سندس پاڪرن ۾ ٻکجڻ کي پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهن ها ۽ پاڻ ۾ بہ شايد ان ڳالہ تي جهيڙوڪن ها تہ ڪير اهو قدم اڳ ۾ ٿو کٽي، جنهن مضبوطي ۽ مستقل مزاجيءَ سان هن پيار ۽ محبت جي دلربائين کان پاڻ کي پري رکيو تہ اوتروئي وري هو جنگين جي سختين جي ويجهو رهيو. جڏهن روم وارا هڪ بياباني ۽ ٻوڏ واري علاقي مان گذري رهيا هيا تہ سندن حاڪم جيڪو پيرين پيادو پنهنجي فوج جو سالار هو، اُنهن جي ڏکن ۽ تڪليفن ۾ پاڻ بہ ياڳي پائيوار هو ۽ سندن محنتن تي اُنهن جو حوصلو وڌائيندو رهيو هو. هر محنت ۽ تڪليف ۾ جولين تمام ڏوڪ ۽ اَورج هو ۽ سندس شاهي جهنڊو بہ آلو ۽ تمام ميرو تي ڇڪو هو جيڪو ائين تي لڳو تہ ڪنهن عام رواجي سپاهيءَ جو هجي. ٻن حملن ڪيس پنهنجي ذاتي جرئت ۽ بهادريءَ کي آزمائڻ جا زبردست موقعا ڏنا جنهن ذريعي سندن فوجي مشقن جي گُرن کي سمجهڻ جو ڪيس وڏيڪ موقعو مليو ۽ اهڙا موقعا هڪ دوراندیش جنرل کي ڪڏهن ميسر ٿيندا آهن. شهنشاهہ هاڻي پيرسابور جي قلعي اڳيان بيٺو هو ۽ ان سخت خطري کان بلڪل بيخبر هو جيڪو ان جي ارد گرد هيو؛ هن پنهنجين فوجن کي لوهہ جي گينڊن کي پيڻ ۽ ڌاهڻ لاءِ اتساهيو. پر تيستائين مزائيلن جي ڪرن منجهان مٽس وسڪارو شروع ٿي ويو ۽ هو بيحد پريشان ٿي ويو چو تہ وڏا وڏا پٿر بہ هنجي مٿان اڇلائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جيئن هو موگاملچا جي قلعي کي ٻاهران ڏسي رهيو هو تہ ٻہ فارس جا ماڻهو ظاهر ٿيا جيڪي پنهنجي ملڪ سان بيحد محبت ڪندڙ هيا ۽ پنهنجن هٿن ۾ اڳهاڙيون تراريون لوڏيندا آيا ۽ شهنشاهہ تي اوچتو حملو ڪري ڏنائون. شهنشاهہ وڏي ڏوڪيءَ سان حملي ڪندڙن سان مهاڏو اٽڪايو ۽ اُنهن جي ڏکن کي پنهنجي ڍال سان روڪيندو رهيو ۽ لڳاتار جرئت وارو مقابلو ڪندي پنهنجي هڪڙي دشمن کي ڏَڪ هٽي دسي وڌائين جيڪو سندس پيرن ۾ اڇي ڪريو. هڪ شهنشاهہ جنهن وٽ اخلاق ۽ تهذيب جا قدر موجود آهن ۽ ٻين لاءِ ساڳين قدرن جي منظوري ڏئي ٿو تہ اهڙو شخص انجي رعيت لاءِ وڏي نعمت جو باعث آهي ۽ جيڪا عزت ۽ احترام جولين کي پنهنجين ذاتي لياقتن سبب حاصل هيو، ان کيس ان لائق بنائي ڇڏيو هو تہ هو قديم نظم ۽ ضبط توڙي اخلاقيات جي رويَن کي نہ رڳو ٻيهر معاشري ۾ موٽائي آڻي پر ان تي سختيءَ سان عمل پڻ ڪرائي. هن ٽن گهوڙيسوار سپاهين کي ذلت سان گڏ موت جي سزا ڏني ڇاڪاڻ تہ هنن بداخلاقيءَ جو مظاهرو ڪيو هو، ۽ سُريناس سان جهڳڙو ڪندي پنهنجي وقار جو سوڊو ڪيو هو تہ وري جهنڊي کي بہ وڃائي ڇڏيو هو جڏهن تہ هن حملي جا تاج[62] بہ اُنهن سپاهين کي پارايا هيا جن همت ۽ بهادريءَ جو مظاهرو ڪندي موگاملچا جي شهر جو تخت وجي هٿ ڪيو هو. پيرسابور جي گهيري کانپوءِ شهنشاهہ جي سختيءَ جي رويي کي هاڻي سندس ٽي فوجين جي حرص واري لالچ کين پنهنجي آقا سان گستاخيءَ تي آماده ڪيو. جن زوردار طريقي سان شهنشاهہ سان شڪايت ڪئي تہ سندن بيمثال خدمتن کي فقط چانديءَ جي هڪ سوَ ٽڪرن جي معمولي مدد سان نوازيو ويو هو. فوجين جي ان بي ادبي واري رويي تي هن پنهنجي ڏڪ ۽ ڪاوڙ جو اظهار اهڙي تہ زبردست ۽ مردانگي واري طريقي سان ڪيو جنهن کي روم جو بيباڪ طريقو چئجي تہ صحيح ٿيندو. *"اوهانجي خواهشن جو محور ۽ مرڪز دولت آهي؛ اها دولت تہ فارس وارن وٽ آهي ۽*

هن ملک ۾ جيڪا تباهي هن جنگ ذريعي آئي آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ اوهانجي جرئتن ۽ نظر ۽ ضبط جو انعام آهي. مونتي يقين ڪريو. جولين وڌيڪ چيو. "روم جي جمهوريہ. جنهن وٽ اڳ بي انداز مال خزانا ۽ دولت هوندي هئي. هاڻي خود ضرورتمند ۽ بيگاني ٿي چڪي آهي چو تہ اسانجي شهنشاهن ڪي. ڪمزور ۽ لالچي وزيرن. بربرن جي سانت ۽ خاموشيءَ ڪي. سون عيوض خريد ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو هو. پر ناڻو ختم ٿي وڃيندو. شهر تباهہ ٿي وڃن ٿا. صوبن ۾ ماڻهو ختم ٿي وڃن ٿا يا اتان هليا وڃن ٿا. جيتري قدر منهنجو تعلق آهي تہ منهنجو ورثو جيڪو منهنجن شاهي ابن ڏاڏن کان مونکي مليو. اُهو منهنجو روح آهي جيڪو هر خوف خطري کان آجو آهي. ۽ جيستائين مونکي پورو يقين آهي تہ جيڪو انسان جو فائدو آهي اُهو سندس دماغ ۾ رهي تو تہ آءٌ هرگز شرمندو نہ ٿيندس جيڪڏهن آءٌ مفلس بہ ٿي وڃان پر شرط اهو آهي تہ ان مفلسيءَ ۾ بہ وقار کي هٿان وڃڻ نہ ڏجي ۽ قديمي اخلاقيات جي دؤر ۾ مفلسيءَ کي. فئبريشيس جو شان سمجهيو ويندو هو. اُهو شان ۽ مان اوهان جوبہ ٿي سگهي تو پر جي اوهان ضمير ۽ ربي آواز ڏي کنايو ۽ پنهنجي رهبر کي بہ غور سان ٻڌو. پر جيڪڏهن اوهان اُبهرائيءَ منجهان پنهنجي ضد تي قائم رهندؤ يا جيڪڏهن اوهان پراٽين سازشن کي بيشرمائي ۽ بيحياييءَ سان ٻيهر جاري رکڻ چاهيو ٿا تہ پوء" هُو گوء - هُو ميدان - جيڪو ڪرڻو اٿو تہ ٻلي ڪريو. جيئن تہ شهنشاهہ اُهو ٿو ٿئي جيڪو انسانن ۾ پهرئين نمبر جي جاءِ والاري ٿو تہ پوء آءٌ هتي ٻيٺي ٻيٺي نہ مرڻ لاءِ تيار آهيان ۽ اهڙي زندگي کان نفرت ڪريان ٿو جنهن ۾ اهڙي ڇڪتاڻ هجي ۽ جنهن ۾ هر لمحو ۽ هر گهڙيءَ جو جيئڻ بہ فقط اتفاقي هجي. جيڪڏهن آءٌ اوهان جي ڪمان ڪرڻ جي لائق نہ رهيو آهيان تہ هاڻي اوهان ۾ (آءٌ وڏي فخر ۽ خوشيءَ مان پيو چوان) تہ اوهان منجهہ ڪيترائي اهل ۽ قابل آهن جن جي قابليت تورِّي تجربو هن اهم جنگ ۾ ٿي ثابت ٿي چڪو آهي. منهنجو ذاتي مزاج ۽ حڪومت ڪرڻ جو طريقو ٿي ڪجهہ اهڙو رهيو آهي جو آءٌ بغير پڇتائڻ ۽ شڪن گمانن جي هاڻي رٽائر ٿيڻ ٿو چاهيان ۽ پنهنجي خانگي حيثيت ۾ نامعلوم ٿي گذارڻ ٿو چاهيان."[63] جولين جي پُروقار لهجي ۽ عزم کي روم وارن طرفان ساراهيو ويو ۽ تاڙيون وڄائي. خوشي ۽ فرمانبرداريءَ جي عزم کي انهن ٻيهر ورجايو ۽ جنگ ۾ پنهنجي اعتماد واري سوپ ماڻڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيائون تہ اُنهن اها فتح پنهنجي بهادر شهنشاهہ جي جهنڊي ۽ رهبريءَ هيٺ رهي حاصل ڪئي هئي. سندن جرئت کي تسمن ڪٽڻ ڏريعي وڌيڪ مستحڪم بنايو ويو (جو تہ اهڙيون خواهشون دراصل جولين جا قَسر هيا) " پلا مان فارس وارن کي توهان جي تابع ٻڌائي ڇڏيان." اهڙيءَ طرح سان آءٌ روم جي جمهوريہ جي طاقت ۽ شان شوڪت ۾ اضافو آڻيان! " شهرت سان پيار سندس ڪمزوري هئي پر تيستائين نہ جيستائين هن موگاملچا کي لتاڙي تباهہ ڪيو هو ۽ تڏهن ٿي هن پاڻ کي هنن لفظن چوڻ جي اجازت ڏني هئي: " هاڻي اسان ائننٽڪ[64] جي فيلسوف* کي سندس دلچسپيءَ جو ڪجهہ مواد مهيا ڪري ڏنو آهي".

جولين جي فتح ۽ جرئتمنديءَ سندس سيني رڪاوٽن کي پنهنجي رستي تان هٽائي ڇڏيو هو ۽ هاڻي ٽيسيفان جي گيٽن تائين پهچڻ ۾ باقي ڪابہ روڪ يا رنڊڪ سندس رستي ۾ ڪانہ هئي. پر فارس جي گاديءَ جي هنڌ جو گهيرو ڪرڻ ۽ انکي پوريءَ طرح قبضي ۾ آڻڻ جو پنڌ اڃا پري هو ۽ شهنشاهہ پنهنجي فوجي روَيي ۽ طور طريقي کي بہ. نئين ملڪ جي پوري معلومات رکڻ کان اڳ. اڃتي هلائي نہ پيو سگهي چو تہ ملڪ جي صحيح ڄاڻ ٿي سندس

بهادري ۽ قابليت جي کارروائين جو محوَر هو.[65] بغداد کان ويهه ميل ڏکڻ طرف ۽ دجلہ جي اوپر جي ڪنارن جي لڳو لڳ، سياحن کي ڏاڍي حيرت ٿي جڏهن کين ٽيسيفان جي محلاتن جي بربادين جا ڪجهه آثار اُتي نظر آيا، جيڪو جولين جي حڪومت جي دوَر ۾ هڪ وڏي آبادي۽ وارو شهر هو. پسگردائي۽ واري شهر سلوشيا + جو نالو توڙي رنگ رونق هميشہ لاءِ ختر ٿي چڪا هيا ۽ يوناني ڪالوني۽ جي فقط هڪ ٻچيل حصي ۾ اسيرين زبان ۽ رهڻي ڪهڻي جا آثار ايا قائر هيا جنهن کي " ڪوشي" جو اوٿلي لقب ڏنو ويو هو. ڪوشي، دجلہ جي اولهائين ڪناري جو شهر هو پر ان کي ٽيسيفان جي وڏي شهر جو حصو سمجهيو ويندو هو ۽ جيڪي اسان فرض ٿا ڪريون تہ شايد اُهو ٻيڙين جي تعمير ڪيل هڪ دائمي پل ذريعي ٽيسيفان سان ڳنڍيل هو. شهرن جي هڪ ٻئي سان جڙيل حصن کي ملائي انکي المودين جي نالي سان سڏيو ويندو هو يعني اُهي شهر جن کي اوپر جي ملڪن جي رهواسين، ساسانين لاءِ سياري جا رهائش گاهہ جو نالو ڏنو هو. فارس جي گاديءَ جي هنڌ کي مڪمل طور تي، ندي۽ جي پاڻي، مضبوط ۽ وڏين ديوارن ۽ بيحد مشڪل ڍُهڻن ذريعي، محفوظ بڻايو ويو هو. سلوشيا جي تباهڪارين جي ويجهو جولين جي ڪئمپ کي قائر ڪيو ويو هو جنهن کي ڪوشي جي فوجي دستن جي بيشمار اوچتن حملن جي امڪانن کان، ڪاهين ۽ قلعن ذريعي محفوظ ڪيو ويو هو. هن خوشحال ۽ خوبصورت ملڪ ۾ روم وارن کي ڪاڌي خوراڪ ۽ داڻي پاڻي۽ جو ضرورت کان بہ وڌيڪ مقدار مهيا ڪري ڏنو ويو هيو ۽ ڪيترائي قلعا، جن فوج جي چوڪيدارن جي رستن ۾ ڪجهہ رڪاوٽ ٿي وڏي، نيٺ ٽوري مقابلي کانپوءِ روم وارن جي بهادري۽ جي ڪارنامن آڏو پيش اچي پيا. جنگي جهازن جي آرماڙ فرات مان گذرندي ندي۽ جي هڪ مصنوعي موڙ تي پهتي، جتان هڪ وڏو ۽ ڪشادو وهڪرو دجلہ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. جيڪو هن وڏي شهر کان ڪجهہ هيٺ ٽورڙي ٿي مفاصلي تي آهي. پر جيڪڏهن درياهو رستي جي بجاءِ هن شاهي پاڻي جي وهڪري کي اختيار ڪن ها جنهن کي " نهر- ملچا" چيو ويندو آهي تہ ڪوشي جي وچ واري صورتحال، جهازن جي آرماڙ ۽ جولين جي فوج کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري ڇڏي ها ۽ دجلہ جي وهڪري جي ابترَ وڃڻ جي اُبهري ۽ اجائي ڪوشش سان گڏ هڪ دشمن جي گاديءَ جي هنڌ وچان گذرڻ جي حماقت جو نتيجو يقيني طور تي روم جي آرماڙ جي مڪمل تباهيءَ جي صورت ۾ نڪري ها. بهرحال شهنشاهہ جي دوراندیشي خطري کي اڳواٽ جاچي ورتو هو ۽ جنهن جو ازالو نقصان ٽيڻ کان اڳ ۾ ڪيو ويو. جيئن تہ هن ساڳئي ملڪ ۾ ٽراجن جي فوجي ڪارنامن کي غور سان پڙهيو هيو تہ کيس ياد پيو تہ سندس اڳئين جنگجو جا نشين هڪ نئون پاڻي۽ جو وهڪرو کوٽرايو هو جنهن مان آساني۽ سان جهاز راني ڪري پئي سگهجي، جيڪا ڪوشي شهر کي ساڄي پاسي ڇڏيندي، نهر - ملچا جي پاڻي۽ کي، شهرن جي سطح کان ٽورو مٿي، دجلہ ۾ وڃي وهائيندي هئي. مقامي هارين کان خبر وٺڻ تي، جولين کي هن قديمي ڪر جا اهڃاڻ ۽ آثار مليا جن کي حادثي طور يا وري ڊيزان ڏاهيندي پوري۽ طرح ختر ڪيو ويو هو. سپاهين جي اٽڪ محنتن سان هڪ ويڪري ۽ اونهي درياهي لنگهہ کي تمام تيزي۽ سان کوٽي تيار ڪيو ويو هو تہ جيئن فرات ندي۽ جو ميلاپ ممڪن ٿي سگهي. هڪ مضبوط ڪاهي پڻ تعمير ڪئي وئي هئي تہ جيئن نهر - ملچا جي وهڪري کي ڪجهہ ماڻو ڪري سگهجي؛ بهرحال پاڻي۽ جو جهجهو وهڪرو پنهنجي نئين ڇوڙ وٽ تيزي۽ سان وهي رهيو هو ۽ روم جا ساموندي

جنگي جهاز جيڪي بنا روڪ رنڊڪ جي دجلہ ۾ ڏوڪيندا تي ويا، اُنهن اجاين ۽ غير مؤثر رکاوٽن تي طنزون تي ڪيون جيڪي ٽيسيفان جي فارسين سندن رستي روڪڻ لاءِ رستن تي بيهاريون هيون.

جيئن ته اهو ضروري ٿي پيو هو ته روم جي فوج کي دجلہ تائين پهچائجي ته هڪ ٻي ڪوشش ڪرڻي پئجي وئي جنهن ۾ محنت ته گهڻ هئي پر پهرئين تجربي کان هن ۾ خطري جو امڪان زياده هيو. نهر ڪشادي ۽ تکي وهڪري واري هئي، چاڙهي اُپي ۽ سخت مشڪل هئي ۽ مورچہ بندي جيڪا سامهون واري ڪناري جي نوڪ تي ڪئي وئي هئي، ان ۾ فوج جا بيشمار جوان شامل ڪيا ويا هيا جن کي سينن تي حفاظتي پليٽون ٻڌل هيون ۽ جن ۾ تجربيڪار تيرانداز پڻ موجود هيا ۽ هن معرڪي ۾ وڏا وڏا هاٿي بہ هيا جيڪي، (البينيس جي مبالغي آميز چوڻ موجب) ساڳي طرح ۽ آساني۽ سان اَن جي فصل يا روم جي فوجين[67] کي بہ ڪُچلي ناس ڪري سگهن ٿا. اهڙي دشمن جي موجودگيءَ ۾ هڪ پل جي ناهڻ جو ڪم ناممڪن هيو ۽ بهادر شهنشاهہ، جنهن هڪ مناسب بهانو تلاش ڪيو، پنهنجي راز کي، بربرن توڙي پنهنجين فوجين يا ان حدتائين جو پنهنجن ويجهن جنرلن کان بہ تيستائين لڪايو جيستائين ان تي عمل ڪرڻ جو وقت نہ اچي وڃي. پنهنجن فوجي قلعن ۾ جنگي سامان جي ڇڪاس ڪرڻ جو شاندار بهانو ڪندي، اسي ڪن جهاز وقفي وقفي سان خالي ڪرايا ويا ۽ هڪ فوجين جو دستو، جنهن جو مقصد ڪنهن ڳجهي معرڪي تي رواني ڪرڻ جو هو، کي حڪر ڏنو ويو ته هو ٻين فوجين سان گڏ تيار رهن ۽ حڪر جو انتظار ڪن. جولين پنهنجي راز کي مخفي رکڻ لاءِ اعتماد ۽ خوشيءَ مان مرڪندو رهيو ته جيئن سندس رِٽ ۽ راز ٻين تي ظاهر نہ ٿين ۽ دشمن قومن کي فوجي راندين سان بهلائيندو رهيو جيڪي هو ڪوشي جي ديوارن اندر دشمن خلاف طنز ۽ بيعزتيءَ سان رچائي رهيو هو. هي ڏينهن خوشين کي اربيو ويو هو پر جيئن ئي رات جي مانيءُ جو ويلهو ٽريو، شهنشاهہ فورن پنهنجن جنرلن کي پنهنجي تنبوءَ ۾ گهرايو ۽ کين آگاهہ ڪيو ته هن اها رات دجلہ کان گذرڻ لاءِ مقرر ڪري ڇڏي هئي. اُهي سڀئي حيران ٿي ويا ۽ احترام مان شهنشاهہ کي تعجب خيز نظرن سان گهورينداً رهيا، پر جڏهن بزرگ سئلسٽ پنهنجي عمر ۽ تجربي جي حق کي استعمال ڪيو ته ٻين سڀني مڪيہ ماڻهن هن جي تائيد ڪئي ۽ سندس دوراندیشي واري احتجاج جي پنيرائي ڪيائون.[68] جولين، بهرحال پنهنجي راءِ تي قائم هو ۽ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيائين ته فتح ۽ بچاءُ، ٻنهي جو دارومدار ڪوشش ڪرڻ تي آهي، نہ ته دشمن جو تعداد بجاءِ گهٽ ٿيڻ جي ويتر وڌندو ويندو چو ته وقت گذرڻ سان اُنهن ۾ ٻيا فوجي بہ شامل ٿيندا رهندا ۽ ٻيو ته دير ڪرڻ سان نہ ته نهر جو مُنهن ويڪرو ٿيندو نہ وري ندیءَ جي ڪنارن جي اوچائي وڌندي. فورن ڪين اڳتي وڌڻ جو حڪر ڏنو ويو جنهن کي بنادير مڃيو ويو، جيڪي اڳهرا ۽ بيصبرا فوجي هيا، اُهي پنجن خالي جهازن ۾ سوار ٿي ويا جيڪي ڪنارن جي نزديڪ هيا ۽ جيئن ته اُنهن جهازن جا سڙهہ، بهاديءَ واري محنت سان سنوان ڪيا پر اُهي، ٿوري دير ڪانپوءِ رات جي انڌاريءَ ۾ وڃائجي ويا. سامهونءَ ڪان هڪ شعلو ٻريو ۽ جولين، جنهن هڪدم سمجهي ورتو ته سندس جنگي جهاز لنگرانداز ٿيڻ وقت، دشمن جي حملي جو نشانو بڻيا هيا، هوشياري ۽ ڦرتيءَ مان هن سخت خطري کي فتح جي پيشنگوئيءَ ۾ بدلائڻ چاهيو. "منهنجا سائي سپاهي، هن زور سان پڪاريندي چيو،" ندين جي ڪنارن جا اڳ ۾ ئي مالڪ ۽ مختيار آهن - ڏسو هو ڇاڻايل وقت تي وڏن ٿا ۽ سندن نشانو ضايع نہ ٿو وڃي. اچو ته اُنهن جو نقل ڪريون ۽

سندن همت ۽ حوصلي جي مدد ڪريون." سامونڊي جهازن جي تيز تڪڙي جنگي قوت تحرڪ ۾ آئي ۽ جنگي ٻيڙو تيز وهڪري جو سخت مقابلو ڪري تمام تِکي رفتار سان دجلہ جي اوپر واري ڪناري تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جنهن شعلن کي وڃي وِسايو ۽ تڪليفن ۾ مبتلا ٿيندڙ پنهنجن ساٿين کي وڃي بچايو. اُهي ۽ اوچائي واري چاڙهيءَ جون تڪليفون، زِرهن جي ڳري وزن ۽ رات جي انڌاريءَ سبب ويتر وڌي ويون هيون. حملي ڪندڙن مٿان پٿرن، نيزن، تيرن ۽ باهه جو وسڪارو شروع ٿي ويو. جيڪي وڌي جدوجهد ڪري ڪانپوءِ ڪنارن تي چڙهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ پنهنجن دفاعي قلعن تي سوپ ماٿي چڙهي ويا. جيئن ئي هو هاٿي مقابلي جي هڪ جهڙائي جي حيثيت ۾ آيا تہ جولين، جنهن پنهنجي پيادل فوج جي مدد سان حملو ڪيو هو،[69] پنهنجين فوجين جي همت ۽ حوصلي تي هڪ تجربي رکندڙ نگاهه ڊوڙائي: سندس بهادر ۽ جرئتمند سپاهي، هومر[70] جي مثال جي پوئواري ڪندي، اڳتي ۽ پوئتي پنهنجين پنهنجين جاين تي پهچي ويا ۽ شاهي فوج جا جنگي توتارا هاٿي هر طرف کان وڇڻ شروع ٿي ويا. روم وارا، فوجي گوڙ شور برپا ڪرڻ کانپوءِ، قدم قدمن سان ملائيندا باضابطگيءَ سان پيش قدمي ڪندا رهيا ۽ فوجي موسيقي جي ڌُنن تي پنهنجن نيزن کي تحرڪ ۾ آندو ۽ اگهاڑين ترارين سان اڳتي وڌيا تہ جيئن مخالف بربرن کي، سندن ويجهو ويندي، کين مزائيلن جي استعمال کان روڪي سگهن. اهو سلسلو ٻارهن ڪلاڪن تائين جاري رهيو جيستائين فارس جي فوجين جي آهستي آهستي پٺتي هٽڻ جو منظر سندن بي ترتيبيءَ جي پاڻ ۾ تبديل ٿي ويو ۽ سڀني کان وڌيڪ شرمناڪ مثال اُنهن جي مڪيه ۽ وڏن ليڊرن جو هو جن ۾ سندن وڏو سُريناس پڻ شامل هو. کين ٽيسيفان جي گيٽن تائين پوئتي هٽايو ويو ۽ فاتحَ، هن ڀر ۾ ٻڏل شهر[71] ۾ پڻ يقيني طور تي داخل ٿي وڃن ها. جيڪڏهن سندن جنرل وڪٽر، جيڪو تير لڳڻ سان سخت زخمي ٿي پيو هو کين ان اُبهري قدم کڻڻ کان منع نہ ڪري ها، جيڪو سندس خيال موجب جيڪڏهن ڪامياب نہ ٿئي ها تہ پوءِ شايد نہ رڳو بيحد خطرناڪ پر موتمار ثابت ٿئي ها. پنهنجي طرفان روم وارن تسليم ڪيو تہ اُنهن جا پنجهتر ماڻهو مري چڪا هيا تہ ساڳئي وقت ان ڳالهہ جي تصديق ۾ ڪيائون تہ جنگ جي ميدان تي بربرن جا اڍائي هزارن کان ڇهن هزارن تائين فوجي مارجي ويا هيا جن کي اُنهن جي بهادر سپاهين ۾شمار ڪيو ويندو هو. جنگ جي بربادي۽ ۾ جيڪو سامان هٿ آيو اُهو لڳ ڀڳ ساڳيو هو جنهن جي توقع ڪنهن بہ اوپر جي عياش ۽ مالدار ملڪ مان ڪري سگهجي ٿي: فاتح شهنشاهہ سون ۽ چانديءَ جو گهڻو سامان، شاندار هٿيار ۽ جانورن کي ڳاسائڻ جو سامان، پلنگ ۽ چانديءَ جون ٽيبلون ۽ مانائتا تحفا، شهري توڙي فوجين جا تاج پنهنجن فوجي جوانن ۾ ورهايا جيڪو سندس چوڻ موجب اُنهن جي بهادريءَ جو انعام هو ۽ فقط جولين ئي انهن تحفن کي ايشيا جي سڃي دولت کان وڌيڪ قيمتي ۽ شانائتو سمجهيو. احترام ۽ عقيدت مان جنگ جي ديوتائن لاءِ قرباني ڏني وئي پر جنگ جي متاثرين جي چهرن مان ڪجهہ منحوس واقعن جا آثار نظر اچي رهيا هيا، ۽ جولين اهڙن آثارن منجهان فورن سمجهي ويو تہ سندس عروج جا ڏينهن شايد پورا ٿي چڪا هيا.[72]

جنگ جي ٻي ڏينهن تي، گهرجا محافظ، جوويَنس ۽ هرڪيولينَس* ۽ باقي بچيل فوجي جيڪي سڃي فوج جو ذري گهٽ ٽيون حصو هيا، سڀني کي سلامتيءَ سان تاري دجلہ جي هُن پار پهچايو ويو.[73] جڏهن تہ فارس وارا ٽيسيفان جي ديوارن کان پرواري ملڪ جي بربادي۽ کي ڏسي رهيا هيا، جولين هڪ نظر سان اتر پاسي نظر ڊوڙائي،

جنهن ۾ هن کي اُميد هئي ته، جيئن ته هو پاڻ ساپور جي گاديءَ جي هنڌ ۾ ڪاهي وينو هو ته سندس سائي جنرل سباستيَن ۽ پروڪوپيَس پي ساڳي جرئت ۽ جو انمرديءَ سان اڳتي وڌندا اُتي پهچي ويندا. پر آرمينيا جي بادشاهه جي غداريءَ سبب سندس اُميدن تي پاڻي ڦري ويو جنهن دغا ڪندي روم وارن جي واڌاري ۽ مددگار فوج کي پنهنجي ڪئمپ ڇڏڻ لاءِ آماده ڪيو[74] ۽ هن سازش ۾ هن جنرلن پنهنجي اختلافي ۽ تکراري حيثيت پڻ ظاهر ڪري ڇڏي جيڪي هونئن ئي نِڪما هيا ۽ ڪنهن به عوامي خدمت جي منصوبي کي عملي جامو نٿي پهرائي سگهيا. جڏهن شهنشاهه هن اهڙ مددگار فوج جي بيهر فعال ٿيڻ مان نااُميد ٿيو ته هن جنگ بابت هڪ مشاورتي ميٽنگ ڪئي، جنهن ۾ وڏي بحث مباحثي ڪانپوءِ هو اُنهيءَ جنرل جي ان ڳالهه سان يڪراءِ ٿيو جن ٽيسيفان جي گهيري کي هاڻي بيسود ۽ سخت هاڃيڪار ٿي سمجهيو. اها ڳالهه، بهرحال اسان جي سمجهه کان ٻاهر آهي ته آخر ته ان شهر جا اُهي ساڳيا ئي قلعا هيا جو ٽي دفعا جولين جي ابن ڏاڏن ان شهر جو گهيرو ڪري ان تي قبضو ڪيو هو ۽ هاڻي اُهو روم جي سڀ هزار فوج جي هوندي به اُجيت ٿي ويو هو ۽ جنهن جي ڪمان هڪ بهادر ۽ تجربيڪار جنرل ڪري رهيو هو ۽ جن وٽ جهازن، کاڌي خوراڪ، مار ڪرڻ وارين مشينن ۽ فوجي ساز سامان جي رسد به باقاعدگيءَ سان جاري هئي. پر اسان کي اهو يقين هئڻ گهرجي ته شان شوڪت سان محبت ۽ خطرن کان نفرت، جولين جي فطري ڪردار جا عنصر هيا ۽ هو اهڙين معمولي ۽ مصنوعي رڪاوٽن کان هرگز دل شڪستو نه ٿيو هو.[75] جنهن وقت هن ٽيسيفان تي حملي ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو ته ان ساڳئي وقت تي هن امن قائم ڪرڻ جي پُرڪشش ڳالهين کي ضد ۽ نفرت منجهان ڏڪرائي ڇڏيو هو. ساپور، جيڪو ڪانسٽنٽيَس جي ڊرائي ۽ سُستيءَ واري روَيي سان مانوس ٿي چڪو هو، سندس جانشين جي ڦرتي ۽ هوشياريءَ تي حيران ٿي ويو. جيتريقدر هندستان ۽ اسڪيٿيا جي حدن جو تعلق هو، پرانهن صوبن جي صوبيدارن کي حڪر ڏنو ويو هو ته هو پنهنجون فوجون هڪڙي جڳهه تي گڏ ڪن ۽ بنادير پنهنجي بادشاهه جي مدد واسطي پهچي وڃن. پر سندن تيارين سُستيءَ جو شڪار رهيون ۽ اُنهن جو اڳتي وڌڻ ڊرائي ۽ ڪاهليءَ وارو هو ۽ جيستائين ساپور پنهنجين فوجين جي رهنمائي ڪندي ڪين جنگ جي ميدان ۾ پهچائي، ڪيس ڏڪوئيندڙ خبرون مليون ته اسيريا کي تباهه ۽ محلاتن کي ٻاهيو ۽ برباد ڪيو ويو هو ۽ سندس اُنهن بهادر فوجين کي قتل ڪيو ويو هو جن جي دجلہ جي لنگهه جي حفاظت ڪرڻ جي ڊيوٽي لڳل هئي. بادشاهيءَ جو فخر هاڻي مٽيءَ ۾ ملي ويس. هن زمين تي هيٺ ويهي ماني کاڌي ۽ هنجي وڪريل وارن منجهان سندس ڏڪ ۽ ڏهني اذيت نمايان ۽ نروار هئي، هاڻي سندس خواهش اها هئي ته هو جيڪر پنهنجي اڳ بادشاهت جي بدلي ۾ پنهنجي رهيل اڳ بادشاهت جي سلامتيءَ کي خريد ڪرڻ کان انڪار نه ڪري ها ۽ هو امن جي سمجهوتي ڪرڻ ۾ به هرگز دير نه ڪري ها ۽ روم جي فاتح جو وفادار ۽ ان تي پابندڙ ٿي رهي ها. هڪ خانگي ڪر جو ٻڌائو ڪندي، هڪ اعتماد ۽ مرتبي واري وزير کي مخفي نموني سان هورمسدس جي خدمت ۾ موڪلي ڏنائين ته ان جي پيرن کي چُهي ٻاڏائيندڙ لهجي ۾ عرض ڪري ته هن (ساپور) جي حاضري لڳرائي ۽ سندس تعارف روم جي شهنشاهه سان ڪرائي. ساساني شهزادي خبر ناهي ته هن پنهنجي اندر جو يا انسانيت جو آواز ٻڌو، يا وري پنهنجي حسب نسب تي غور ڪيائين ته حالتن جي نزاڪت جو به شايد احساس ڪيائين، امن کي اڳتي وڌائڻ جي آڇيان ڪيائين ته اهو قدم فارس جي مصيبتن کي گهٽائيندو ۽ ان کي تڪليفن مان نجات ڏيارينڊو ته ساڳي وقت روم

جي فتح جو به ڏاکو ڇمي ويندو هو. بهرحال ان سپوت جي غير لچڪيدار عزم جي مضبوطيءَ تي حيران هو. جنهن کي، سندس توڙي ملڪ جي بدقسمتيءَ سان، اهو ياد هو ته سڪندر اعظر، اڳ ڊئريس جا سپيئي شرط هڪ طرفا رد ڪري ڇڏيا هيا. پر جيئن ته جولين وڏو عقلمند شخص هو تنهنڪري هن سوچيو ته سلامتي ۽ عزت وارو امن شايد سندس فوجين جي جذبات کي ڏڪو ڪري. تنهنڪري هن عرض ڪيو ته هورمسدس پلي ساپور جي وزير کي خانگي طرح واپس ڪري ڇڏي ۽ هن خطرناڪ لالچ واري موضوع کي فوج کان لڪائڻ جي ڪوشش ڪري.[76]

جولين جي وقار توڙي سندس دلچسپي، ٽيسيفان جي اجيت ديوارن ۾ وقت ضايع ڪرڻ کان کيس روڪيو ۽ جيئن ته هو بربرن جي هميشہ مخالفت ڪندو هو جيڪي شهر جي حفاظت ڪندا هيا ۽ کين چوندو هو ته کليل ميدانن ۾ سندس مقابلو ڪن ۽ اُهي دوراندیشي ڪندي کيس جواب ڏيندا هيا ته جيڪڏهن هو پنهنجي بهادريءَ جو مظاهرو ڪرڻ تو چاهي ته پوءِ هو عظيم بادشاهہ جي فوج جي مدد وٺي. هن پنهنجي بيعزتي محسوس ڪئي ۽ ان للڪاريندڙ صلاح کي قبول ڪيو. بجاءِ بزدلائي طريقي سان فرات ۽ دجلہ جي ڪنارن تائين پاڻ کي محدود ڪرڻ جي، هن پنهنجي اڳئين جانشين سڪندر جي للڪاريندڙ جذبي جي تقليد ڪندي اهو عزم ڪيو ته هو سندن ئي اندروني صوبن ۾ بهادريءَ سان ڪاهي ويندو جيستائين هو پنهنجي دشمن سان اربيلا جي ميدانن تي وڃي مقابلو ڪري ته جيئن اهو طئي ٿي سگهي ته ايشيا جي شهنشاهت جو فيصلو ڪنهن جي حق ۾ ٿو ٿئي. جولين جي اعليٰ ظرفي کي، هڪ فارس جي خانداني ماڻهوءَ جي چالاکيءَ ذريعي، ساراهيو ۽ ويو ته ان سان دوکو ۽ ڪيو ويو. جنهن، پنهنجي ملڪ جي هڪ وڏي مقصد خاطر، بيحد خطري وارا ڪر ڪيا جن ۾ ڪوڙ، دغا ۽ شرمساري پريل هئي.[77] پنهنجن وفادار سائين جي وڏي هجوم کي وٺي، هو شاهي محل ڏانهن هليو ويو ۽ هڪ شاندار ڪهاڻي جوڙي ٻڌايائين ته ڪيس بيحد ڏک ۽ سور مليا هيا، ساپور جي ظلمن کي وڌائي ۽ وڏي مبالغي سان وائکو ڪيائين ۽ اهو ۽ ٻڌايائين ته ماڻهو ڪانئس بيزار ۽ ناخوش هيا ۽ سندس بادشاهت ڪمزور ٿي ڇڪي هئي ۽ اعتماد ڪندي پاڻ کي هڪ پناهہ ولندڙ ظاهر ڪيائين پر اهو ۽ چيائين ته هو روم وارن جي جنگي مهر جوئيءَ جي رهبري ۾ ڪرڻ چاهيندو. هورمسدس پنهنجي تجربي ۽ ڏاهپ ذريعي زبردست دليل ڏنا، توڙي جو اُنهن ۾ شڪ جي گنجائش موجود هئي پر پوءِ ۽ جولين سادگيءَ ۾ منس اعتبار ڪيو ۽ غدار کي پنهنجي دل ۾ جڳهہ ڏنائين ۽ هڪدم تڙ تڪڙ ۾ هڪ حڪر جاري ڪيائين، جيڪو انسانذات جي نظر ۾، سندس دانشمنديءَ جي مذمت ٿو ڪري ۽ سندس زندگيءَ کي ۽ جنهن خطري ۾ وجهي ڇڏيو. هن فقط هڪ ڪلاڪ ۾ پنهنجي سڃي ساموندي فوج کي تباهہ ڪري ڇڏيو جنهن کي پنج سؤ ميلن تان هٿي آندو ويو هو ۽ جنهن تي بيشمار پئسا ۽ وڏي محنت خرچ ٿي هئي ۽ رت ريلا ڪري وهيو هو. ٻارهن يا شايد فقط ٻاويهہ جهاز بچايا ويا هيا ته اُهي پلي فوج جي پيش قدميءَ ۾ گڏ هجن ۽ ضرورت پوي ته ندين مٿان پلون ٺاهڻ ۾ مدد ڪن. سپاهين لاءِ ويهن ڏينهن جو ڪاڏو خوراڪ مهيا ڪيو ويو ۽ باقي جنگي سامان ۽ يارهن سؤ جنگي جهازن جي آرماڙ کي، جيڪي دجلہ جي مُهڙ وٽ بيئل هيا، شهنشاهہ جي حڪر تي باهہ ڏئي ساڙيو ويو. عيسائي پادري، گريگري ۽ آگسٽائن، هن مرتد جي بيوقوفيءَ کي انتهائي نفرت جي نگاهہ سان ڏٺو جنهن پنهنجي ئي هٿن سان ڇڻ خدائي فيصلو پنهنجي خلاف لکي ڇڏيو هو. سندن تحرير، توڙي جو ايتري اعتبار جوگي نہ آهي پر پوءِ ۽ هڪ تجربيڪار سپاهي ان جي تصديق ڪئي آهي جيڪو ان

هرندڙ باهه جي آڙاهه جو عيني شاهد هو ۽ جنهن فوجين جي ناراضگي واري سُس پُسس سان اتفاق ڪيو هو.[78] ان جي باوجود ڪجهه شاندار ۽ پڪن دليلن جو اهڙو مواد بہ موجود آهي جيڪو جولين جي ان فيصلي جي تائيد ڪري ٿو. فرات ۾ جهاز راني بابل کان اڳتي هرگز نہ وڌندي هئي، ۽ نہ وري دجلہ ۾ اوپس[79] کان پريرو ويندي هئي. بيان ڪيل پوئين شهر جو مفاصلو روم جي محل کان ايترو گهٽو ڪو نہ هو ۽ جولين شايد هونئن ئي پنهنجي سامونڊي آرماڙ کي هڪ تيز وهندڙ نديءَ جي اوپارو ڪري ڇڏي ها،[80] جيڪا ڪيترين ئي جڳهن تي فطري توڙي مصنوعي آبشارن جي ڪري خود تڪليف ۾ اڇي ٿي.[81] جهازن جي سڙهن جي طاقت ڪمزور هئي، تنهنڪري جهازن کي رسا ٻڌي گهلي ندي جي وهڪري جي ابتڙ ٽپايو ويندو هو؛ هن ڏکئي ڪر ۾ ويهہ هزار سپاهين جي محنت جي ضرورت پوندي هئي جنهن ۾ تمام ڊگهو وقت لڳي ويندو هو ۽ جيڪڏهن اهڙين تڪليفن ۽ ڏکيائين جي باوجود روم جا ماڻهو ضد ڪري دجلہ جي وهڪري جي اُبتڙ پنهنجي پيش قدميءَ کي جاري رکيون اڃن ها تہ اُهي نہ تہ ڪجهہ حاصل ڪري سگهن ها ۽ نہ پنهنجي رهبر ۽ شهنشاهہ جي مان مرتبي مطابق ان جي آڏو سرخرو يا سوپارا ٿي سگهن ها. ان جي برعڪس، جيڪڏهن ملڪ جي اندروني حصن ۾ اڳتي وڌڻ مناسب سمجهيو وڃي ها تہ ان صورت ۾ پي سامونڊي جهازن ۽ ان سان لاڳاپيل جنگي اسلحي جي تباهيءَ ڪانسواءِ بچاءَ جو ٻيو چارو ڪو بہ نہ هيو جيڪو سندن فوجين کي ٽيسيفان جي گيٽن کان اوڀتي حملي جي صورت ۾ محفوظ رکي سگهي ها. جيڪڏهن جولين جون فوجون سوپ ڪٽن ها تہ پوءِ ان صورت ۾ اسان يقيني طور تي ان سپوت جي نوَن قدمن جي ساراهہ ڪريون ها جنهن پنهنجين فوجين لاءِ ٻڇڙ يا پنتي موٽڻ جو ڪو بہ رستو نہ ڇڏيو هو سواءِ فقط هڪڙي فيصلي ڪرڻ جي تہ موت يا فتح منجهان ڪنهن بہ هڪ جي چونڊ ڪن.[82]

ڳرين توبن ۽ جنگي اسلحي جي وڏين گاڏين جي وڏي تعداد جو اذيتناڪ سلسلو جيڪو جديد طريقي جي فوج جي فوري ڪمن ۽ ڪارگذارين ۾ رڪاوٽ جو ڪارڻ بڻجي ٿو، سو روم وارن لاءِ گهٽي پاڳي اڻجاتل سلسلو هو.[83] ان جي باوجود، ڪنهن بہ دؤر ۾، سڀ هزار تعداد جيتري فوج لاءِ گذران ۽ ڪاڌي پيتي جو بندوبست ڪرڻ، هڪ دوراندیش جنرل جي پهرين اوليت هوندي، ۽ ان جو بندوبست پنهنجي يا دشمن جي ملڪ مان ئي ڪرڻو هو. جيڪڏهن جولين لاءِ دجلہ ندي جي ڪنارن تي اچڻ وڃڻ لاءِ هڪ پل کي قائم رکڻ ممڪن هجي ها ۽ اسيريا جي فتح ڪيل جڳهن جي حفاظت ڪرڻ بہ ممڪن هجي ها تہ هڪ برباد ٽيل صوبو سال جي ڪنهن بہ مُند ۾ ايڏي وڏي پئماني تي ڪاڌو خوراڪ مهيا نہ ڪري سگهي ها، ۽ خاص طرح ان صورت ۾ جڏهن زمينون اڪثر ڪري فرات ۾ ايندڙ ٻوڏ جي پاڻيءَ سان پريل رهنديون هيون،[84] ۽ صحت لاءِ هاڃيڪار هوا ويتر جيتن جٽين جي وڏن ميڙن ۽ انبوهن جي ڪاراڻ سان ڏکجي ويندي هئي.[85] دشمن ملڪ جو ظاهري ڏيک ڪشش ڪندڙ هيو. هڪ وڏو علائقو جيڪو دجلہ ندي ۽ ميديا جي جبلن جي وچ ۾ هيو، اُتي رڳو شهر ۽ ڳوٺ آباد هيا ۽ اُتان جي زمين آباد ۽ زرخيز هئي ۽ گهٽي پاڳي پوک ڪرڻ ۽ فصل اپائڻ لاءِ موزون هئي. جولين پنهنجي اندر ۾ مطمئن هيو تہ هڪڙو فاتح جنهن وٽ ٻين ڪي ڪشش ڪرڻ جا بہ اهم هٿيار موجود هجن يعني رُڪ ۽ سون تہ اُهو مقامي ماڻهن جي لوڀ لالچ يا سندن خوف جي ماحول مان، ڪاڌي خوراڪ جو بندوبست آسانيءَ سان ڪري ويندو. پر جيئن ئي روم جون فوجون علائقي ۾ داخل ٿيون تہ سندن خوش فهميءَ ۽ سُستين اُميدن وارا دلبا ۽ دلاسا بنادير جي چڪنا چور ٿي ويا. هو جيڏانهن بہ ويا ٿي تہ هنن ڏٺو تہ اُتان جا رهواسي خوف کان

پنهنجا کليل ڳوٺ ڇڏي هليا ويا هيا ۽ شهرن جي قلعن ۾ وڃي پناھ ورتي هيائون، پنهنجن پالیل جانورن کي بہ اتان کڄي ويا هيا، گاھ ۽ پکل انَ کي باھ ڏئي ساڙي ڇڏيو هئائون ۽ جيئن ئي باھ جي شعلا لڏا ٿيا جن، اڳ جولين جي پيش قدميءَ کي روکيو هو. تہ هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو پر ساوڪ سبزي جي بچاءَ کيس هر طرف دونهاٽيل برپٽ بيان نظر آيو. هن قسر جو مجبوريءَ وارو پر اثرائتو بچاءَ فقط ماڻهن جي جوش جذبي جي ڪري حاصل ٿي سگهيٽو جيڪي پنهنجي ذاتي ملڪيت جي پيٽ ۾ پنهنجي آزادي کي وڌيڪ اهميت ڏين ٿا؛ يا وري اهڙي حفاظت فقط هڪ آمريت واري حڪومت جي سخت قدمن ذريعي ملي سگهي ٿي جيڪا، عوامي بچاءَ جو انتظام، ڪانٽن پڇڻ کان بغير يا کين اهڙي آزاديءَ جي حق ڏيڻ کان سواءِ ٿي ڪري ڇڏي ٿي. هن موقعي تي، فارس وارن جي جذبي توڙي سندن فرمانبرداريءَ، ساپور جي حڪمن جي پوريءَ طرح بجا آوري ٿي ڪئي ۽ شهنشاھ وٽ هاڻي ڪاڏي پيتي جو تمام گهٽ مقدار وڃي بچيو هو جيڪو پڻ سندس هٿن ۾ وقت گذرڻ سان گڏ ختم ٿيندو پئي ويو. گذر سفر جي سڌي سامان ڪُٽڻ کان اڳ، هو پوءِ بہ ايڪبٽانا يا سُوسا جي دولتمند ۽ پر امن شهرن ۾ سڌو ۽ سکون سان پهچي وڃي ها[86] پر جيئن تہ هو رستن کان بلڪل بيخبر هيو تنهنڪري هو پنهنجي ارادي کي عملي جامو نہ پهرائي سگهيو جنهن ۾ گهٽو قصور سندس ساٿين جي فريبڪاريءَ جو بہ هيو. روم وارا بغداد جي اوپر پاسي ڪيترن ڏينهن تائين رلندا ۽ ڏکا ڪائيندا رهيا فارس وارو دوکيباز جنهن فريب ۽ مڪاريءَ مان کين هن ڄار ۾ ڦاسايو هو، سو اوتري ٿي دغابازيءَ سان کين ڇڏي ۽ پڇي وڃڻ ۾ بہ ڪامياب ٿي ويو تہ جيئن روم وارن جي غضب کان بچي سگهي؛ پر سندس پوئتي رهيل ساٿين تي جڏهن سختي ڪندي ڪانٽن پڇيو ويو تہ هنن سموري سازش جا راز ظاهر ڪري ڇڏيا. هرڪانيا* ۽ هندستان جون ڪمال واريون سوين، جن ڪڏهن تہ کيس سکون ٿي پهچايو، پر هاڻي جولين جي لاءِ پريشاني جو باعث هيون. هو هاڻي ان حقيقت کان واقف ٿي چڪو هو تہ سندس پنهنجين ئي حماقتن جي ڪري ماڻهن ۾ بيچيني ۽ تڪليفون وڌي رهيون هيون، پوءِ بہ سندس اندر ۾ هڪ آس ضرور هئي تہ هو يا تہ ڪامياب حاصل ڪندو يا وري گهٽ ۾ گهٽ بچاءَ جو گُس تہ ڪٽان نہ ڪٽان ضرور نڪرندو توڙي جو ظاهري طرح کو بہ اطمينان بخش جواب ڏيوڻائن توڙي ماڻهن کان کيس نٿي مليو. آخرڪار، هڪڙوئي طريقو کيس عمل ڪرڻ لائق نظر آيو تہ پنهنجا قدم دجلہ جي ڪنارن طرف وڌائن جو تہ ٻوڙوئي اڳيان ڪاڏيون ملڪ جون حدون شروع ٿي ٿيون جيڪو سندن دوست ملڪ هو ۽ زرخيز پڻ هيو ۽ روم جي شهنشاهت جي اختيارن کي مڃيندو هو. جتي سندس فوجين جي سلامتي بہ يقيني ٿي ويندي. سُست ۽ ڪاهل فوجين، پنهنجي واپسيءَ جي حڪر کي مڃيو، چابوراس کي + اُڪرڻ کان ستر ڏينهن ڪانپوءِ اُهي پنڌتي موٽيا جڏهن تہ فارس جي تخت کي اونڌي ڪرڻ جون اُميدون ڪٽي گهراُن نڪتا هيا.[87]

جيستائين روم وارا سندن ملڪ ۾ اڳتي وڌندا رهيا، تہ سندن پيش قدميءَ کي پري کان فارس جي گهوڙيسوار فوج طرفان جا چيو پئي ويو تہ سندن بيعزتي پڻ ڪئي ٿي ويئي، هو ڪڏهن اڳتي وڌندي ڪڏهن پوئتي ٿيندي روم جي محافظن سان ننڍن ننڍن مقابلن ۾ وڙهيا بہ ٿي تہ مٽن ٽٽولين بہ ٿي ڪيائون، هنن فوجي دستن جي مدد ۾ وڏي تعداد ۾ هي فوج پڻ گهرائي وئي ۽ جيئن ئي فوجي دستن جو رخ دجلہ طرف ڪيو ويو تہ اوچتو هڪ مٽيءَ جو طرفان گهليُو جنهن سڃي ميدان کي ڍوڻ ۽ ڏڙ ڪري ڇڏيو. روم وارن جي دل ۾ هاڻي فقط هڪڙي ئي آس هئي تہ

کيئن ۽ ڪري تيزيءَ سان پاڇ ڪن، ۽ هڪ ٻئي کي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪي کيائون تہ اهو خطرناڪ منظر جهنگلي ڳڏهين جي فوجين طرفان پيدا ڪيو ويو هو يا وري شايد عرب دوستن جي آمد سان اهو طوفان آيو هو. اُهي رکيا، تنبن کي کوڙيائون، پنهنجي ڪئمپ کي قلعن سان محفوظ ڪيائون، سڄي رات خطرن ۾ چوڪس ٿي گذاريائون ۽ جڏهن صبح ٿيو تہ پاڻ کي فارس جي فوجين ۾ وکوڙيل ڏٺائون. هيءَ فوج، جنهن کي فقط بربرن جي نمائندگي ڪندڙ سمجهيو ٿي ويو، هاڻي مستحڪم ۽ مضبوط ٿي نظر آئي جڏهن اُنهن سان بيشمار جوان اُهي ۽ اڇي مليا جن جي سينن تي حفاظتي پليٽون هڏل هيون، + + اُنهن ڪانسواءِ ڪيترائي تير انداز ۽ هاڻي ۽ چوڪس هيا جن جي ڪمان ميرانِس ٿي ڪئي جيڪو وڏي مرتبي ۽ شهرت وارو جنرل هيو. بادشاهه جا ۽ پٽ ۽ ڪيترائي مکيہ صوبيدار ۽ ساٿس گڏ هيا؛ شهرت ۽ اُميدن گڏجي باقي طاقتن جي سونهن کي وڌائي پيش ٿي ڪيو ۽ سيبئي قوتون ۽ فوجي طاقتون گڏجي اڳتي وڌنديون رهيون ۽ اُتي اڇي پهتيون جتي هاڻي ساپور خود سڄي حملي جي قيادت خود ڪري رهيو هيو. روم وارن جيئن جيئن پنهنجي پيش قدميءَ کي جاري رکيو تہ سندن ڏکهي صف کي مجبور ٿي جهڪڻو پيو ۽ اُهي پوءِ ورهائجي ۽ ويا تہ جيئن زميني ضرورتن موجب مقابلو ڪن، پر اُنهن جي صورتحال اهڙي هئي جنهن سندن دشمنن کي متن حملي ڪرڻ جا بهترين موقعا ٿي پيش ڪيا. فارس وارا سخت تيزي ۽ ڪاوڙ مان متن ڪڙڪيا ٿي پر اُنهن کي اوتري ئي طاقت سان پنٽي هٽايو ٿي ويو ۽ مئرونگا جو معرڪو جنهن کي هڪ جنگ جو نالو ڏئي سگهجي ٿو جنهن ۾ ڪيترائي صوبيدار ۽ هاڻي مري ويا ۽ جن جو مُلهه، سندن بادشاهه جي نظرن ۾ ساڳيو هيو. جنگ جا هي فائدا، روم وارن جي وڏي قتلام کان پوءِ ئي حاصل ٿيا هيا، ڪيترائي وڏن مرتبن وارا آفيسر يا تہ جنگ ۾ ماريا ويا هيا يا زخمي ٿي پيا هيا ۽ شهنشاهه، جيڪو خطرن جي اهڙن موقعن تي، پنهنجين فوجين جي همت ۽ حوصلن کي پنهنجي فصاحت بلاغت واري تقرير سان وڌائيدو رهندو هو، خود ۽ هاڻي خطري جي ور چڙهيل هيو ۽ پنهنجين لياقتن کي اڃا ۽ آزمائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. حملي ڪرڻ تورڻي سندن بچاءَ وارن هٿيارن جي ڳري وزن، جيڪي اڃا تائين روم وارن جي بچاءَ ۽ طاقت جا ضامن هيا، ڪين بيحال ٻٽائي ڇڏيو هو ۽ هو پوري جوش سان پنهنجي پيش قدمي ۽ نہ ٻئي ڪري سگهيا ۽ اوپر جا گهوڙي سوار وري نيزن اڇلائڻ جا ماهر هيا تہ ساڳي وقت پوري رفتار سان ۽ هر طرف ڏانهن تير اندازي ڪرڻ جو ڏاڍ ۽ ڪين ايندو هو،[88] ۽ فارس جي گهوڙيسوار فوج ايتري زوردار اڳ ڪڏهن ۽ نہ رهي هئي سواءِ هن موقعي جي جڏهن افراتفريءَ ۾ مخالف فوج پاڇ ڪاڏي، پر روم وارن جو وڏي ۾ وڏو ۽ ناقابل - تلافي نقصان سندن وقت جو هو. هي جاننا جوان جيڪي گال ۽ جرمني جي ڏڏي موسر سان مانوس هيا، اسيريا جي گرم اونهاري جي ساڻيندڙ اُس ۾ بنهہ بيهوش ٿي ويا، سندن طاقت ۽ بار بار جي حملن ۽ مقابلن سبب هاڻي ختر ٿي ڇڪي هئي ۽ فوج ڪشي جي سلسلي کي ترڪ ڪيو ويو هو ڇو تہ دشمن جي موجودگيءَ ۾ سندن پنٽي هٽڻ واري عمل ۾ ۽ سستي اڃي وئي هئي نہ تہ موتمار خطري جو انديشو موجود هيو. هر روز ۽ هر گهڙي جيئن ڪاڏي خوراڪ ۽ پي ضروري سامان جي رسَد گهٽبي وئي تہ ڪاڏي پيتي جي شين جون قيمتون روم وارن جي ڪئمپ ۾ وڌنديون رهيون.[89] جولين، جيڪو اهڙو ڪاڏو ڪائي ۽ خوش ٿيندو جنهن کي هڪ بکايل سپاهي ۽ ڪائڻ پسند نہ ڪري ها، پنهنجي شاهي گهر جو سيڏو سامان ۽ پنهنجن فوجين ۾ ورهائي ڇڏيائين ۽ ٻيو وري جيڪو بچيو هو اُهو گهوڙن، * ججن ۽ جنرلن ۾

ورهايائين. پر هن نماڻي قسر جي مدد سان ماڻهن ۾ غر ۽ اذيت جي لهر وڏيڪ تيزيءَ سان ڊوڙندڙ محسوس ٿي ۽ هاڻي روم وارا بيحد ڏکوئيندڙ انديشن ۾ مبتلا ٿي ويا ته هو پنهنجي شهنشاهت جي حدن اندر داخل ٿيڻ کان اڳ ئي شايد ڏکار جي بک ۽ بيحاليءَ جو ٻُکُ ٿي ويندا يا بربرن جي ترارين سان کُسجي ويندا.[90]

جڏهن ته جولين بيان کرڻ کان ٻاهر تکليفن ۽ اذيتن کي برداشت ڪري رهيو هو پر رات جي خاموشيءَ ۾ کجهه وقت کڻي کتابن جو مطالعو توڙي ظاهري حالتن تي غور ۽ فڪر ڪندو هو. جڏهن به هو ٿوري دير لاءِ اکيون بند ڪندو هو ۽ کيس ننڊ وٺي ويندي هئي ته سندس دماغ ۾ ان وقت به انتظار جي ڪيفيت هوندي هئي ۽ ان ڳالهه ۾ به تعجب ڪونهي ته سڄي شهنشاهت جو روح سندس تصور آڏو اچي بيهندو هجي ۽ ان وقت سندس سر ماتمي پردي ۾ ويڙهيل هجي ۽ شاهي محل کان آهستي آهستي پري ٿيندو ويو هجي. شهنشاهه پنهنجي ڪوچ تان اٿيو. اڳتي وڌيو ۽ پنهنجي ٽڪل ۽ مايوس روح کي اڏرات جي ٽڏڙي هوا سان تازو کرڻ چاهيائين ته اُتي هن هڪ چمڪندڙ ستارو ڏٺو جيڪو چمڪاٽ ڪري آسمان جي به آر پار هليو ويو ۽ پوءِ اوچتو غائب ٿي ويو. اُهو منظر ڏسي جولين کي يقين ٿي ويو ته هن جنگ جي ديوتا[91] جو ڏهڪائيندڙ روپ ڏٺو هو ۽ سندس مشاورتي ڪائونسل، جيڪا تسڪن اڳڪٿين[92] کرڻ وارن جي هئي، فيصلو ڪيو ته شهنشاهه اڳتي کو به ڪر نه ڪري؛ پر هن موقعي تي دليل ۽ ضرورت جو وزن وهمن وسوسن کان وڌيڪ ڳرو هو؛ هاڻي ڏينهن جي خاتمي تي توتارا وڄڻ لڳا. فوج، جابلو علائقي مان پيش قدمي ڪري رهي هئي پر هتي سپ جبل ۽ ٽڪريون ڳجهه ڳجهاندر ۾ فارس وارن سان پريل هيون. جولين قافلي جو اڳواڻ هو جنهن پوري حاضر دماغي ۽ چستيءَ مان هڪ تجربيڪار جنرل جيان اڳواڻي ٿي ڪئي، پر ڪيس اوچتو جهڪو تڏهن آيو جڏهن ڪيس معلوم ٿيو ته سندس فوج جي پٺئين پاسي کان حملو ٿيو هو. موسر جي سخت گرمي ڪيس مجبور ڪيو هو ته هو پنهنجون سيني جي حفاظت واريون شيلڊون لاهي رکي، پر پوءِ هن ٽڪڙ ۾ پنهنجي هڪ سائيءَ کان شيلڊ ورتي ۽ کجهه فوجي پاڻ سان وٺي پوئين حفاظتي دستي جي مدد لاءِ پهتو. شهنشاهه کي ساڻئي قسر جو خطرو اڳين صف جي دستن وٽ به نظر آيو تنهنڪري اڳتي پوئتي پنهنجين فوجين جي حفاظت لاءِ پڇندو رهيو ته ان وچ ۾ مرڪز ۽ کاٻي طرف کان حملو ٿي ويو ۽ فارس وارا هاڻي پوريءَ طرح گهوڙيسوارن ۽ هاٿين جي مدد سان مٿن حاوي ٿي ويا. پر پوءِ جلد ئي کين شڪست ڏني وئي جنهن ۾ سندن پيادل فوج وڏي بهادريءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ اُنهن پنهنجن هٿيارن جو گهوڙيسوارن جي پٺيءَ تي ۽ هاٿين جي ڇنگهن ۾ تمام ڏُرتيءَ ۽ اثرائتي انداز سان استعمال ڪيو. بربر پڇي ويا، جولين، جيڪو هر حملي ۾ سيني کان اڳتي ۽ اڳرو هو، پنهنجن ساٿين ۾، پنهنجي آواز توڙي اشارن سان بهادريءَ جو روح ڦوڪيندو رهيو. سندس پوَ ۾ ڪبندڙ محافظ، جيڪي دوستن توڙي دشمنن جي گڏيل افراتفري واري هجوم ۾ ڌار ڌار ٿي ويا هيا، پنهنجي بهادر شهنشاهه کي ياد ڏيارئون ته هن حفاظتي شيلڊ نه هڏي هئي ۽ ڪيس عرض ڪيائون ته ايندڙ تباهيءَ کان محفوظ رهي. جيئن اُنهيءَ هڪ ٻئي سان وڏي آواز ۾ ڳالهايو ٿي،[93] ته اوچتو جهازن مان نيزن ۽ تيرن جو وسکارو شروع ٿي ويو ۽ هڪ تيز نيزو، سندن ٻانهن کي سڙيندو سندس پاسرين ۾ ٽنبجي سندس معدي تائين هليو ويو. جولين وڏي بهادري جو مظاهرو ڪندي ان موتمار هٿيار کي پنهنجين پاسرين مان ڪڍي چاهيو. پر ان ڪوشش ۾ لوهه جي تکائيءَ سبب سندس آڱرين به ڪٽجي ويون ۽ هو پنهنجي گهوڙي تان ڪري پيو ۽ بيهوش ٿي

ويو. سندس محافظ هنجي مدد لاءِ ڊوڙيا ۽ زخمي شهنشاهه کي زمين تان اٿاري ۽ جنگ جي ميدان جي افراتفري کان ڪڍي ڪيس هڪ تنبوءَ ۾ آندو ويو. هن ڏکوئيندڙ واقعي جي خبر فوجين جي هر عهدي جي هر فرد تائين ڦهلجي وئي پر هن غم روم وارن کي وڌيڪ بهادريءَ سان وڙهڻ لاءِ اتساهيو ۽ هنن بدلي وٺڻ جو عزم ۽ ڪري ڇڏيو. هن رتو ڇاڻ ۽ هڻ ۽ هوڏ واري جنگ کي ٻنهي فوجن طرفان جاري رکيو ويو پر پوءِ رات جي انڌاري کين هڪ ٻئي کان ڌارو ڌار اڇي ڪيو. فارس وارن کي کاهي پاسي جي دستن خلاف برتري حاصل ٿي جتي ائنيٽوليَس، جيڪو وڏو تجربيڪار ويڙهاڪ هو، کي قتل ڪيو ويو ۽ سئلسٽ ۽ ذري تي بچي ويو. هن معرڪي جي فتح کانپوءِ فارس وارا ڪجهه مُنهن مٽي ڪرڻ جهڙا ٿيا. پر ڏينهن جا واقعا بربرن جي خلاف ويا. اُهي جنگ جي ميدان کي ڇڏي هليا ويا جن ۾ سندن ۽ جنرل ميرانِس ۽ نوهوريٽس،[94] پنجاهه معزز صوبيدار ۽ ان کانسواءِ سندن بيشمار سپاهي ۽ شامل هيا، ۽، جيڪڏهن جولين بچي وڃي ها ته روم وارن جي سوپ جا آثار، بهتر ٿيندي ٿيندي آخرڪار اُنهن لاءِ فائديمند ۽ زبردست فتح جي صورت ۾ تبديل ٿي وڃن ها.

جڏهن جولين، گهٽي رت وهڻ ۽ بيهوشيءَ جي دوَرن پوڻ کانپوءِ هوش ۾ آيو ته جيڪي پهريان لفظ هن چيا سي سندس فوجي بهادريءَ جي جذبن جي ترجماني ڪري رهيا هيا. هن پنهنجي گهوڙي ۽ هٿيارن لاءِ پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ بيصبريءَ مان جنگ جي ميدان ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويو. هن ڪوشش ۾ سندس سور وڌي ويو ۽ ٿوري گهٽي بهتري جيڪا هوش اچڻ کانپوءِ منجهس آئي هئي اُها ۽ ختم ٿي وئي، ۽ جن سرجنن سندس زخمن جو معائنو ڪيو، اُنهن سندن حالت ڏسي ٻڌايو ته بس هو چند گهڙين جو مهمان هو ۽ ڪنهن ۽ وقت سندس موت ٿي سگهيو ٿي. هنن دردناڪ گهڙين ۾ ۽ هو هڪ عظيم بهادر ۽ بزرگ لڳي رهيو هو. جيڪي فيلسوف سندس موتمار جنگ ۾ ساٿس گڏ هيا، جولين جي تنبوءَ جي پيٽ سقراط جي بنديخاني سان وڃي ڪيائون؛ ۽ ڪيترائي تماشبين جيڪي فرض ادائگي، دوستي يا عقيدت سبب سندس ڪوچ جي ارد گرد جمع ٿي ويا هيا، شهنشاهه جي ماتمي تقرير غمگيني ۽ ادب وچان ٻڌندا رهيا:

" دوستو ۽ منهنجا فوجي ساٿيو! منهنجي دائمي الوداعيءَ جو مناسب وقت هاڻي اچي ويو آهي ۽ آءٌ هڪ قرضدار جي حيثيت ۾ پنهنجي خوشيءَ سان، فطرت جي قانون جي پوئواري ڪري رهيو آهيان. مون فلسفي منجهان سکيو آهي ته جسر جي مقابلي ۾ روح ڪيڏو نه شاندار آهي ۽ هڪ شانائتي عنصر جي جدائي ڏک ۽ تڪليف جي بجاءِ سکون ڏيندڙ هئڻ گهرجي. مون مذهب منجهان پرايو آهي ته وقت کان اڳ وارو موت، نيڪين جو انعام هجي ٿو؛[96] ۽ آءٌ ميجان ٿو ته موت جي هن جهٽڪي، مونکي پنهنجي ڪردار تي ڪنهن بدنما داغ لڳڻ کان بچائي ورتو آهي جنهن کي آءٌ ديوتائن جي مهرباني سمجهان ٿو ۽ منهنجو ڪردار نيڪي، صبر ۽ برداشت وارو رهيو آهي. آءٌ بغير ضمير جي ڪنهن به ملامت يا پڇتاءَ جي هن دنيا مان وڃي رهيو آهيان ۽ ته مونکي قدرت ڪنهن به گناهه ڪرڻ کان بچايو آهي. آءٌ پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي معصوميت تي ناز ڪريان ٿو ۽ آءٌ پوري يقين سان چوان ٿو ته ڪامل اختيار ۽ خدائي طاقت جون نج ۽ اصلي وصفون قدرت طرفان مونکي عطا ٿيل آهن. آءٌ آمريت جي بربادي آڻيندڙ اصولن کان نفرت ڪريان ٿو، مون هميشه عوام جي خوشحاليءَ کي حڪومت جو مقصد پئي سمجهيو آهي. مون پنهنجا عمل

دوراندیشي، انصاف ۽ سینې جي پلائي جي اصولن مطابق کیا ۽ پوء انجو نتیجو رب تعالیٰ جي ذات جي حوالي کري ڇڏیم. امن، منهنجي مشاورتي ڪائونسل جو اهر ٹُکتر هو بشرطیڪ اُهو ماڻهن جي ترقي ۽ بهتري سان مطابقت رکندڙ هجي، پر جڏهن منهنجي ملڪ جي ماڻهن مونکي جنگي هتیارن ڪٹڻ لاء سڏ ڪیو تہ مون پنهنجي پاڻ کي جنگ جي خطرن جي حوالي کري ڇڏیو ۽ مونکي اڳ ۾ ئي خبر هئي (جیڪا مونکي اڳڪٿین جي علم مان هاڻ ملي هئي) تہ منهنجو موت ترار جي ڌڪ سان ٿیندو. آء هاڻي ان ازلي ۽ ابدي هستيء جو بیحد احسانمند آهیان جنهن منهنجو موت، ڪنهن بہ آمر جي ظلر یا ڪجهي سازش جي ڪنهن خنجر یا ڪنهن اینگهہ ڪندڙ بیماريء جي اذیتن ذریعي نہ لکیو هو. منهنجي زندگي جي ڦُوهہ جواني ۽ هُن مونکي هیڏي شاندار ۽ مانائتي طریقي سان هن دنیا مان روانو ڪیو آهي؛ ۽ آء هن موقعي تي ان ڪالهہ کي اجائي ۽ ڪریل حرڪت سمجهندس جیڪڏهن موت جي دعوت کان آء انڪار ڪریان - بهرحال مون ڪوشش ڪري ڪهڙو ڪجهہ ڪالهایو آهي؛ پر هاڻي وڌیڪ ڪالهائڻ جي پاڻ ۾ طاقت نٿو سمجهان ڇو تہ سمجهان ٿو تہ موت منهنجي بلڪل ویجهو اچي ویو آهي. - مان ڪوشش ڪندس تہ اهڙو ڪو بہ لفظ پنهنجي واتان نہ ڪیان جیڪو اینڊرو شهنشاهہ جي چوندڙ ڪرڻ ۾ اوهان جي راء تي اثر انداز ٿئي. منهنجو انتخاب ممڪن آهي غیر دانشمندي ۽ ناانصافيء وارو هجي ۽ جیڪڏهن ان انتخاب جي جیستائین فوج منظوري نہ ڏیندي؛ ان حوالي سان منهنجي سفارش شهنشاهت لاء ممڪن آهي تہ ناجیڪار ثابت ٿئي. هڪ سڀي شهريء جي حیثیت ۾، آء فقط خلوص مان اُمید ڪندس تہ روم وارن کي اهڙي حڪومت جي نعمت عطا ٿئي جنهن ۾ ڪیس هڪ نیڪ شهنشاهہ نصیب ٿئي." هن گفتگو کانپوء، جیڪا جولین پوري اعتماد ۽ نرم لهجي ۾ ڪئي، هڪ فوجي وصیت[97] ذریعي، هن پنهنجي دولت ۽ ملڪیت ورهائي ۽ اٹیٹولیَس جي باري ۾ پڇا ڪیائین تہ اُهو هن وقت هتي موجود ڇو نہ هیو. پر پوء سئلسٹ ڪیس ٻڌایو تہ هو جنگ ۾ مارجي ویو هو جنهن تي جولین کي پنهنجي دوست جي جدائيء جو صدمو پهتو. ساڳي وقت هن وٹس جمع ٿیل ڪیترن ئي ماڻهن کي ڳوڙها وهائيندي ڏٺو جنهن تي پاڻ ناراضگيء جو اظهار ڪیائین ۽ ڪین چیائین تہ پنهنجي شهنشاهہ جي سڀي مقدر کي، روئڻ ۽ ڳوڙهن وهائڻ جي غیر مردانگي واري اظهار سان، نیچ نہ بڻائن ڇو تہ هو تہ هاڻي اک ڇنبہ ۾ جنت جي باغن ۾ ۽ تارن جي جهرمر ۾ پنهنجي مالڪ سان هڪ ٿي ویندو.[98] ان تي ماڻهو خاموش ٿي ویا ۽ جولین پنهنجن فیلسوف دوستن پرسڪَس ۽ مئڪسیمَس سان مابعدالطبیعات جي حوالي سان روح جي فطرت بابت خیالن جي ڏي - وٹ ڪرڻ لڳو. ڪالهائڻ ۾ جیڪي هن پنهنجي ذهن ۽ جسر جي اشارن سان ڪوششون ڪیون ٿي اُنهن دوران ئي سندس روح پرواز ڪري ویو. سندس زخم مان رت ائین وهڻ لڳو جیئن مٹس تازو ڪو تشدد ڪیو ویو هجي ۽ سندس نڙيء ۾ سوڄ اچڻ سبب ساهہ ڪٹڻ ۾ ڪیس تکلیف ٿي آئي، هن ٿڏو پاڻي گهریو ۽ جیئن ئي پاڻي پي بس ڪیائین تہ بغیر ڪنهن تکلیف یا سور جي گذاري ویو ۽ اهو اڏرات جو وقت هو. اهڙيء طرح هن خاص الخاص ۽ انوکي انسان جو انت ائین آیو جیڪو ڪانسٹنٹیَس جي مرڻ ڪانپوء تخت تي ویٹو ۽ فقط ٻٹیهن سالن جي نوجوانيء جي عمر ۾ فقط هڪ سال ۽ اٹن مهینن جي حڪومت ڪرڻ ڪانپوء هن دنیا مان هلیو ویو. هن پنهنجین آخري گهڑین ۾ پي، خبر ناهي تہ خلوص مان یا ڏیکاء جي ارادي سان، نیڪي، اخلاق ۽ شهرت جي جذبن جو اظهار ڪیو، جیڪو سندس سڄي زندگيء جو مقصد ۽ اونو رهیو.[99]

عيسائيت جي خوشنودي ۽ واڌاري ۽ شهنشاهت مٿان آيل مصيبتن جو ذميندار گهٽي پاڻي جولين پنهنجي سر پاڻ آهي جيڪو پنهنجن مقصدن ۽ ارادن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ، پنهنجي جانشين جو انصاف پسنديءَ وارو فيصلو مناسب وقت تي نه ڪري سگهيو. ڪانسٽنٽيَس ڪلورس جي شاهاڻي مقابلي جو سرشتو سندس شخصيت تائين اڇي رکجي ويو، ۽ جيڪڏهن هن روم جي ڪنهن به لائق شخص کي شهنشاهت جي تاج پارائڻ لاءِ سنجيدگيءَ سان سوچيو به هوندو ته، اقتدار جي حسد، احسان فراموشيءَ جي امڪان، صحت جي فطري خدشن، جواني ۽ جانشين جي چونڊ واري عزم تان يقينن هٿي ويو هوندو. سندس اوچتي موت شهنشاهت ۾ هڪ اهڙو خال پيدا ڪري ڇڏيو جتي هاڻي ڪو به مالڪ يا والي وارث ڪونه هو ۽ هر طرف مونجهارو ۽ خطرا موجود هيا ۽ ڊائڪليشين جي اليڪشن کان وٺي ايندڙ اسي سالن تائين روم جي شهنشاهت اهڙي نازڪ دؤر مان ڪڏهن به نه گذري هئي. هاڻي هڪ اهڙي حڪومت هئي جنهن ۾ نج ۽ خانداني حسب نسب جا قدر وساريا ويا هجن، هر جي برتري جي اهميت جتي ختم ٿي وئي هجي، آفيسرن جي وڏن مرتبن جي دعويٰ جتي حادثاتي رهجي وئي هجي، ۽ اُهي اُميدوار جيڪي خالي پيل تخت ماڻڻ جا خواهشمند هجن، ته اُنهن جي حمايت فقط سندن ذاتي لياقتن يا وري سندن عام شهرت ۽ مقبوليت ذريعي ڪئي ويندي هجي. پر بک ۾ پاهه ٽيندڙ فوج جي حالت اها هئي جو هر طرف کان اُها بربرن جي فوج جي گهيري ۾ هئي، پر ان جي غر ۽ آزمائش جي گهڙين کي گهٽ ڪيو ويو هو. خوفن خطرن ۽ ذهني ڪوفت جي اهڙي ماحول ۾، فوت ٿيل شهنشاهه جي جسر کي گهٽي وقت تائين محفوظ رکڻ جو عزت پريو اهتمام ڪيو ويو ۽ هي صبح جي باک ڦٽڻ تي، جنرلن فوجي سينيٽ جي گڏجاڻيءَ جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ فوج جي ڪمانڊرن، ۽ پيادل توڙي گهوڙيسوار فوج جي آفيسرن کي مدد ڪرڻ لاءِ گهرايو ويو. رات جا ٽي يا چار ڪلاڪ به ڳجهي سُس پُسس ۽ سازشن کانسواءِ نه گذريا هيا، ۽ جڏهن شهنشاهه جي اليڪشن جي تجويز پيش ڪئي وئي ته اسيمبلي ۾ مخالف ڌرين جو شور برپا ٿي ويو، وڪٽر ۽ ارنٽيَس، ڪانسٽنٽيَس جا سائي بٽجي پيا، جولين جي دوستن ۽ همدردن وري گال جي معززن ڊگالئفَس ۽ نيويتا سان پنهنجا لڳ لاڳاپا ڏيکاريا؛ ۽ هنن ٻن مکيه ڌرين جي ڪشمڪش ۾ هڪ ٻئي سان مخالفت جا نهايت ئي هاڃيڪار ۽ موتمار نتيجا نڪري ٿي سگهيا ڇو ته اُهي ٻئي ڌريون پنهنجي ڪردار توڙي مقصدن، حڪومت سازيءَ جي اصولن ۽ شايد پنهنجي مذهبي عقيدن وغيره ۾ هڪ ٻئي جي بلڪل مخالف ۽ متضاد هيون. فقط سئلسٽ ئي هڪ نيڪ ۽ سڻين خوبين وارو ماڻهو اهڙو هو جيڪو سندن ويڇا ختم ڪرائي ۽ اُنهن کي اليڪشن ۾ متحد ڪرائي ٿي سگهيو؛ پر اهو به عين ممڪن هو ته مان ڌاري مُنهندار (سئلسٽ) کي فورن جولين جي جانشين مقرر ڪرڻ جو اعلان ڪيو وڃي ها، جيڪڏهن هو پاڻ، خلوص ۽ اعتماد سان، پنهنجي وڌندڙ عمر ۽ ناموافق صحت سبب، ان ذميواري کڻڻ کان انڪار نه ڪري ها ۽ سندس ئي چوڻ موجب ته " هو تاج جو بار کڻڻ ۽ سنڀالڻ جي قابل نه هو." سئلسٽ جي انڪار ڪرڻ تي سيني جنرلن کي حيراني ۾ ٿي ته هو پريشان پڻ ٿيا، پر پوءِ هڪ ننڍي رتبي جي آفيسر[100] جي صلاح مڃڻ لاءِ تيار ٿي ويا ته اُهي هاڻي پنهنجا اختيار بلڪل اهڙيءَ طرح استعمال ڪن جيئن هو شهنشاهه جي غير موجودگيءَ ۾ استعمال ڪن ها، ته هاڻي هو پنهنجون اهليتون ۽ قابليتون، فقط فوج کي مصيبت مان آڃي ڪرڻ لاءِ استعمال ڪن، ۽ جيڪڏهن هو خوش قسمتيءَ سان ميسوپوٽميا جي حدن تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ته پوءِ اُهي مشاورت، ايڪي ۽ اتحاد

سان پنهنجي جائز ۽ قانوني حاڪر جي اليڪشن کي ڪامياب ڪن. هڪ طرف هي بحث مباحثو جاري هو ته ٻي طرف جوڙين جي حمايت ۾ زور سان آواز اچڻ لڳا ۽ ان کي ساراهيو ٿي ويو جيڪو پهريون گهر[101] جو ماڻهو هو جنهن جو نالو بطور شهنشاهه ۽ آگسٽس جي ورتو ويو. فوجي محافظن طرفان خوشيءَ گاڏر گوڙ شور ۽ داد مان تاڙيون وڄايون ويون ۽ نعرا هنيا ويا. اُهي تنبوءَ جي ارد گرد ڦري ويا ۽ ٿوري ٿي دير ۾ مرحبا ڪرڻ وارن جي قطار ۾ بيهي رهيا. نئين شهزادي، جنهن کي خود پنهنجي مقدر جي خوش قسمتيءَ تي اعتبار نٿي آيو، کي تڙ تڪڙ ۾ شاهي لباس ۽ زيور پارايا ويا ۽ جنرلن پنهنجي وفاداريءَ جو قسم کنيو جن جي مهربانين ۽ حفاظت لاءِ شهزادي ساڻن ڪافي وقت ڪانپوءِ رفاقت قائم ڪئي هئي. جووين جي وڏي ۾ وڏي سفارش، سندس پيءُ ڪائونٽ وارونيين جي اهليت ۽ قابليت هئي، جنهن کي پنهنجي رٽائر ٿيڻ جي باوجود به ڪيس پنهنجين طويل خدمتن جو صلو ۽ انعام ملي رهيو هو. پنهنجي ذاتي منصب جي آزاد فضا ۾ سندس پٽ شراب نوشي ۽ عورتن جو شوقين ٿي پيو. ان جي باوجود هن هڪ عيسائي[102] ۽ هڪ سپاهيءَ کي داد به ڏنو ٿي ۽ سندس حمايت به ٿي ڪئي. هو ڪنهن به خاص مقصد يا اهڙن رجحانن طرف مائل نه هيو جيڪي انسانذات لاءِ يا ته سندس تعريف ڪرڻ جو باعث بڻيا آهن يا وري ساڻين وصفن سان حسد ۽ بغض رکيو ويندو آهي؛ ان جي برعڪس جووين جي وٽندڙ شخصيت، سندس خوش طبعي وارو مزاج ۽ ڇاتل سڃاتل سهڻي طبيعت واري حاضر جوابي سندس سائي سپاهين ۾ ڪيس پيارو ۽ مقبول بنائي ڇڏيو هو ۽ ٻنهي ڌرين جي جنرلن، اليڪشن جي نتيجن کي خوش دليءَ سان قبول ڪيو هو جيڪا سندن دشمنن جي شرارتن جي باوجود به ڪامياب رهي هئي. اوچتو ۽ اچانڪ مٿانهين مرتبي تي پهچڻ جي فخر واري ڪيفيت کي هڪ شڪ واري انديشي يا خدشي ڪجهه ڏيمو ڪري ڇڏيو هو ته ڪئي ساڻيو ٿي ڏينهن خوانخواستہ، نئين شهنشاهه جي حڪومت ۽ سندس زندگي جو آخري ڏينهن نه ٻڌجي وڃي. ضرورت جي فوري گهرجن کي بنادير مڃيو ۽ پورو ڪيو ٿي ويو. ۽ جولين جي مرڻ کان فقط چند ڪلاڪن ڪانپوءِ جووين جيڪي پهريان حڪم نامو جاري ڪيا اُهي فوجين جي ان پيش قدمي کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هيا ته جيئن روم وارا پنهنجين تڪليفن ۽ اذيتن مان آجا ٿي سگهن.[103]

دشمن طرفان عزت ۽ احترام کي سندس خوفن ۽ خطرن ذريعي اظهار ڪيو ويندو آهي ۽ خوف جو اندازو صحيح طريقي سان ان خوشيءَ ذريعي ماپيو آهي جنهن سان هو پنهنجي ڇوٽڪاري يا آزاديءَ کي ملهائيندو آهي. جولين جي موت جي خبر کي به ان وقت خوشيءَ سان ملهايو ويو جڏهن هڪ فوجي ياڇوڪرڙ سندس خبر ساپور جي فوجي ڪئمپ ۾ وڃي ٻڌائي، جنهن کري هونئن اڳ هڪ ڪاهل حاڪر خوشيءَ ۾ ڦوندجي ويو ۽ پنهنجي فتح لاءِ اوچتوئي پُر اعتماد ٿي ويو. هن هڪدم پنهنجي شاهي گهوڙيسوار فوج اُماڻي جيڪا لڳ ڀڳ ڏهه هزار اڻ فتح ٽيندڙ ويڙهاڪن جي هئي[104] ته جيئن اُهي اڳ موڪليل فوج جي مدد ۽ پنيرائي ڪري سگهن، ۽ ٻي سڃي ڳڏيل فوج کي روم وارن جي پوئين جنگي دستي خلاف حملي ڪرڻ لاءِ موڪلي ڏنائين. روم وارن جي پوئين دستي کي پوري افراتفري ۾ مبتلا ڪيو ويو ۽ سندن ناميارا فوجي، جن پنهنجا لقب ڊائڪليشين ۽ سندس جنگجو ساٿين کان حاصل ڪيا هيا، تباهه ٿي ويا ۽ ڪيترن کي هاڻين لتاڙي ۽ چيپائي ماري ڇڏيو. ۽ ٽن ڄڻن به پنهنجيون زندگيون ختم ڪري ڇڏيون جن پنهنجي پڇندڙ فوج کي پڇڻ کان منع ٿي ڪئي. آخرڪار روم وارن وري ڪجهه همت ۽ حوصلي جو مظاهرو

ڪيو ۽ جنگ ٻيهر شروع ٿي ۽ هاٿي فارس وارن جو قتلام شروع ٿي ويو جنهن ۾ سندن هاٿي ٻه مٿا ۽ فوج، اونهاري جو سڄو ڏينهن اڳتي وڌندي ۽ وڍندي آخرڪار شام جي وقت سمارا شهر ۾ پهچي ويئي جيڪو دجلہ جي ڪناري تي آهي ۽ تيسيفان کان اٽڪل هڪ سؤ ميل مٿاهين طرف آهي.[105] هي ڏينهن تي بربرن فوجين جي پيش قدمي کي خطري ۾ وجهڻ جي بجاءِ، جرويٽن جي فوج تي حملو ڪري ڏنو جيڪا هڪ ڪُنڊائتي وادي۽ ۾ پنهنجي حفاظت ڪرڻ ۾ مصروف هئي. فارس جي تيراندازن، جبلن جي چوٽين تي چڙهي پنهنجا نشان آزمايا ۽ روم جي ٽڪل ۽ ٻُٽ کان بيزار فوجين جي بيعزتي ڪري کين ڏڪارو ڪيائون ۽ سندن گهوڙيسوار فوج جو دستو، جيڪو نراسائيءَ واري بيصبريءَ مان شاهي محل جي گيٽ تائين ڪاهي ويو هو، شاهي تنبوءَ وٽ تباهه ڪيو ويو. توڙي جو مقابلو ڪافي مشڪوڪ هيو. ايندڙ رات تي، ڪارشي جي ڪئمپ کي ندي۽ جي مٿانهن چوڙن ذريعي محفوظ رکيو ويو ۽ روم جي فوج، توڙي جو عربن طرفان کين پهچايل عذابن منجهان گذري هئي، دُرا[106] شهر جي ويجهو وڃي پنهنجا خيما کوڙيا جڏهن ته جولين جي فوت ٽيڻ کي اڃ چوٽون ڏينهن گذريو هو. دجلہ ندي سندن ڪاهي پاسي کان هئي، اُنهن جو ڪاڏو خوراڪ ختر ٿي چڪو هو ۽ سندن اُميدون هاٿي دم توڙي چڪيون هيون. ۽ بيصبرا سپاهي، جن پاڻ کي دلبن ۽ دلاسن سان خوش ٿي ڪيو ته شهنشاهت جون سرحدون هاٿي ايتريون پري نه هونديون. پنهنجي نئين حاڪر کي عرض ڪيائون ته کين اجازت ڏني وڃي ته هُو ندي۽ ذريعي اُڪرڻ جو خطرو پنهنجي سِرَ تي کڻن ۽ اڳتي هلن. ڪجهہ ڏاهن آفيسرن جي مدد سان جرويٽن سندن اُبهرائيءَ واري قدم کڻڻ کان کين منع ڪئي ۽ کين دليل ڏنائين ته توڙي جو ايتري ۽ ايڏي اونهي ۽ تيز ندي۽ جي وهڪري سان مقابلو ڪرڻ جي پوري سگهہ ۽ صلاحيت وٽن موجود نه هجي، پر ان جي باوجود هو بربرن جي نشانن آڏو صفا نروار ۽ بي يارو مددگار ٿي ويندا ڇو ته ندي۽ جي سامهون واري ڪپ تي اُنهن جو مڪمل قبضو هو. نيٺ سندن مِنٽن ۽ آزين کي مجيندي شهنشاهہ ڪجهہ بيزاريءَ مان کين حڪر ڏنو ته گهٽ ۾ گهٽ پنج سؤ گال ۽ جرمن جاننا جوانَ جن کي پنهنجي ٻالڪپڻ ڪانوني رائين ۽ دنيوب ندين جي پاڻين جو ڳُوڙهو تجربو رهيو هجي ته پوءِ اُهي ئي اڳوڻي بهادريءَ جو ڪارنامو ڪري سگهن ٿا، جيڪو يا ته هين لاءِ به همت افزائي جو باعث ٿيندو يا وري سڄي فوج لاءِ ايندر وقتن واسطي خبرداريءَ جو هڪ سخت چتاءُ هوندو. رات جي خاموشيءَ ۾ هنن ندي۽ کي اُڪري پار ڪيو ۽ دشمن جي محافظن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو ۽ هي ڏينهن جي باک ٽٽڻ شرط ئي هنن کي پنهنجي ڪاميابي ۽ سڻي قسمت جا اهجاڻ نظر آيا. هن مهر جوئيءَ جي ڪاميابيءَ، شهنشاهہ کي پنهنجن تعمير جي ماهرن جي واعدن کي ٻڌڻ لاءِ آماده ڪيو جن هڪ نجويز پيش ڪئي هئي ته هو ندي۽ مٿان هڪ ترندڙ پل ٺاهيندا جيڪا رِڍن، ڏاندن ۽ ٻڪرين جي ڪلن منجهان ٺهندي ۽ اهي ڪلون هوا سان ڀريل يا ڦُوڪيل هونديون جن مٿان زمين جي ڏَرَ ۽ فريب ڏيندڙ ڪاڻين جو تهہ هوندو[107] * ته جيئن کنهن کي ان پل جو اندازو به نه ٿي سگهي. ۽ اهر ڏينهن بيڪار محنت ڪرڻ ۾ ضايع ٿي ويا ۽ روم وارن، جن اڳ ۾ ئي ڏڪار جي ٻُکن ۽ عذابن ۾ وقت ڪاٽيو هو، دجلہ توڙي بربرن ڏانهن حسرت ڀريل نگاهن سان نظرون ڊوڙايون ۽ ذڪر ڪيل پوين جو تعداد توڙي سندن ضد ۽ غرور ڏينهون ڏينهن وڌندو رهيو جنهن سبب شاهي فوج جي تڪليفن ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويو.[108]

هن نااُميديءَ جي صورتحال ۾، روم وارن جي سخت مايوسي ۽ نراسائيءَ واري حالت ۾ ان وقت ڪجهه بهتريءَ جا آثار نظر آيا جڏهن هر طرف کان امن جو چوٻول ٻڌجڻ لڳو. ساپور جون عارضي اُميدون ۽ اندازا ختم ٿي ويا: هن تمام سنجيدگيءَ سان سوچيو ته جڏهن جنگ ٻيهر شروع ٿي هئي ته سندس بيحد بهادر ۽ وفادار ساٿي انجو ڪاڄ ٿي ويا هيا، انڪانسواءِ بيشمار سپاهي ۽ هاٿي پڻ ماريا ويا هيا تنهنڪري دوراندیش ۽ تجربيڪار بادشاهه ڪي دل ۾ اهو ۾ اندیشو پيدا ٿيو ته روم جي فوج نراسائيءَ جي صورت ۾ خطرناڪ ۾ ٿي سگهي ٿي ۽ مقدر جا لاها چاڙهڻ ڪنهن ۾ وقت نڪون رخ اختيار ڪري سگهن ٿا ۽ ٻيو ته روم جي شهنشاهت جي طاقت، جيڪا اڃا تائين اڻ ڪُٽ ۽ وڏي هئي، ممڪن هو ته اُها سندن فوج جي مدد لاءِ اوڀتو پهچي وڃي ۽ جولين جو جانشين سندس بدلي وٺڻ جي ڪوشش ڪري. سريناس خود پنهنجي هڪ صوبيدار سان گڏجي جووين[109] جي فوجي ڪئمپ ۾ ظاهر ٿيو ۽ اعلان ڪيائين ته سندس بادشاهه جي انسانيت ۽ حليم طبيعت ان ڳالهه جي حق ۾ هئي ته اهڙا شرط قبول ڪيا وڃن جن ذريعي هو سيزر کي نقصان پهچائڻ بغير واپس وڃڻ ڏيندا ۽ جيڪي سندن فوجي هنن گرفتار ڪيا هيا اُنهن کي ۾ هو آزاد ڪندا ۽ سندن تحفا ۽ تبرڪ ۾ واپس ڪيا ويندا. خير سلامتيءَ جي اُميدن روم وارن جي ارادن جي مضبوطيءَ کي ميڙ جيان نرم ڪري ڇڏيو. تنهنڪري ڪائونسل جي مشوري ۽ سپاهين جي دانهُن ۽ فرياد شهنشاهه کي مجبور ڪيو ته امن جي آڇ کي فورن قبول ڪيو وڃي؛ مُنهندار سئلسٽ کي جنرل ارنٽيَس سان گڏ بنادير موڪلڻ ويو ته عظيم بادشاهه جي مرضي ۽ ارادن کي معلوم ڪري اچن. پر فارس جو چالاڪ بادشاهه، معاهدي جي تڪميل جي سلسلي ۾ مختلف بهانا ڳولينڊو رهيو، هُن روم وارن لاءِ ڪافي هٿَ نوڪيون مشڪلاتون پيدا ڪيون ۽ ڪا نه ڪا وضاحت طلب ڪري ٿي ورتي، ۽ موقعي پرستيءَ جي تاڙ ۾ جيڪي رعايتون اڳ ڏنيون هيائين اُنهن تان ڦري ويو ۽ پنهنجي طرفان شرط ۽ مطالبا وڌائيندو رهيو. تانجو ان اجائي ڳَهَل ۽ ڳيهَه ۾ پورا چار ڏينهن ضايع ٿي ويا ڇو ته سندس نيت اها هئي ته جيڪو ڪجهه ڪاڌي خوراڪ ۽ ٻين ضرورتن جو سامان روم وارن وٽ اڃا ۾ موجود هو، پلي ختم ٿي وڃي. جيڪڏهن جووين ۾ اها اهليت هجي ها ته هو دوراندیشي ۽ بهادريءَ سان پنهنجي فوجين جي پيش قدميءَ کي محنت ۽ لڳاتاريءَ سان جاري رکي ها ته امن جي دستاويز موجب بربرن طرفان حملا ۾ بند ٿي وڃن ها ۽ چوٽين ڏينهن جي خاتمي ڪان اڳ ئي، هو ڪاروٻيون جي ڪارآمد صوبي ۾ پهچي وڃن ها جيڪو فقط هڪ سؤ ميلن جي مفاصلي تي هيو.[110] غير مستقل مزاج شهنشاهه، دشمن کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش جي بجاءِ، + پنهنجي مقدر جي فيصلي جو انتظار ڪرڻ لڳو. ۽ نيٺ امن قائم ڪرڻ لاءِ ذلت آميز شرطن کي قبول ڪيائين ڇاڪاڻ ته اُنهن کان انڪار ڪرڻ سندن وسَ ۽ وِتَ کان ٻاهر هو. دجلي کان اڃا اڳتي وارن پنجن صوبن، جن کي ساپور جي ڏاڏي ڇڏي ڏنو هو، کي وري فارس جي بادشاهت سان ملايو ويو. هڪڙي ٿي شرط سان هن نِسبِس جهڙي اجيت شهر کي هٿ ڪيو، جنهن مسلسل ٽن حملن ۽ فوجن جي يلغار کي مُنهن ڏنو هو. سِنگارا، جنهن کي عربن جو قلعو چيو ويندو هو ۽ جيڪو ميسوپوٽيميا جي مضبوط ترين هنڌن ۾ شمار ٿيندو هو، کي باقي شهنشاهت کان جدا ڪري ڪاٽيو ويو هو. قلعن جي رهواسين لاءِ اها خاص مهرباني ڪئي وئي هئي ته جيڪڏهن اُهي اُتي سدائين رهڻ چاهن ته ملڪيتي حقن سميت رهي سگهيا ٿي پر فاتحَ، روم وارن لاءِ سختيءَ مان حڪر ڏنو ته اُهي بادشاهه توڙي آرمينيا جي بادشاهت کي هميشه واسطي ڇڏي ڏين.

ٻن مخالف ڌرين يا دشمن قومن جي وچ ۾ هڪ امن يا اڃا ٻه ائين چئجي ته صلح ۽ سڪون جو ڏگهي مدت وارو معاهدو طئي ٿي ويو: ان دستاويز جي روح کي قسمن، ساڪن ۽ مذهبي مقدس رسمن ذريعي مضبوط بنايو ويو ۽ مختلف رُتبن جي قيدين کي ٻنهي ڌرين طرفان آزاد ڪيو ويو ته جيئن امن جي معاهدي کي فوري طور عملي جامو پهرايو وڃي.[111]

ائننئڪ جو فيلسوف، جنهن هڪ بهادر سپوت جي طاقتور ڏنڊي کي، سندس هڪ ڪمزور عيسائي جانشين جي هٿن ۾ ڏنو هو، ساپور جي طبيعت جي نرمي ۽ سندس سُپاءِ جي تعريف ٿو ڪري جيڪو روم جي شهنشاهت جي ٿوري حصي ملي وڃڻ تي ٻه خوش هيو. لبينيَس جي تجزيي مطابق، جيڪڏهن ساپور پنهنجي دعويٰ فرات جي سرحدن تائين ٻه ڇمائي ها ته پوءِ ٻه ڪيس مخالف شهنشاهه کان ڪنهن ٻه انڪار جو امڪان نه هجي ها. جيڪڏهن هو اورونٽس، سِدنَس، سنگيئريَس* يا ويندي ٿريس جي باسفورس تائين جي علاقن کي ٻه فارس جون حدون مجيندي اُنهن تي قبضو ڪري ويهي رهي ها ته پوءِ پي جوڙين جا بيشمار درهاري ۽ خوشامدڙيا اهڙا ٻه هجن ها جيڪي هن بزدل شهنشاهه کي ان ڳالهه جو پورو يقين ڏيارن ها ته سندس شهنشاهت جا باقي بچيل سڀيل صوبا ٻه ايترا ته گهٽا هيا جيڪي سندس اختيارن، آسائشن ۽ عياشين جون موجون ماڻڻ لاءِ ڪافي هيا.[112] جيڪڏهن اسان هن قسم جي بدشگوني وارن اشارن ۽ تجويزن تي ڌيان نه ٻه ڏيون، تڏهن ٻه اها ڳالهه خود ڪيڏي نه حيران ڪندڙ آهي ته اهڙي شرمناڪ امن جي دستاويز کي جوڙين ڪيئن ۽ ڪيڏو نه آسانيءَ سان قبول ڪري ڇڏيو هو. هڪ اٺاتل گهريلو شخص جنهن کي اڳ ڪير ٻه نه سڃاڻندو هو، پنهنجي اهليت جي بجاءِ "بخت جي پيڙ ڏيڻ" جي بنياد تي اچي تخت تي ويٺو، هاڻي فارس وارن کان پڇڻ ۽ پنهنجي ۽ ن ڇڏائڻ لاءِ حيران پريشان هيو ته جيئن هو پروڪوپيَس کي سندس بدنيتي جي ارادن کي پورو ڪرڻ کان روڪي، جيڪو اڳ ۾ ئي ميسوپوٽئميا جي فوجن جي ڪمان هيٺ رهيو هو ۽ پنهنجي مشڪوڪ حڪومت کي اُنهن علاقن ۽ فوجين تي ٻه مڙهڻ ٿي چاهيائين جيڪي دجلہ[113] جي حدن کان اڃا ٻه اڳتي هيا ۽ جن کي شهنشاهت جي باري ۾ ڪنيل تازن قدمن، تڪڙن ۽ اُبهرن فيصلن جي اڃا تائين ڪابه خبر ڪين نه پئجي سگهي هئي. ساڳي ندياءَ جي پرپاسي هڪ علاقي ۾، جيڪو ڏُرا[114] جهڙي خطرناڪ هنڌ کان ٿوري ئي مفاصلي تي هو، ڏهن هزار يونانين کي، پنهنجي وطن جي حدن کان فقط ٻارهن سؤ ميلن جي پنڌ تي پاڻ کان ڇني ڌار ڪيو ويو، جن ويچارن وٽ نه ته جنرل هيا، نه وٽن کاڌي خوراڪ جو ڪو ذخيرو هو ۽ نه وري اڃ ڏيڻ رستن جا وٽن کي سُونهان موجود هيا، ۾ هن روَيي سبب فاتح بادشاهه کي + ڪافي حد تائين رنج پهتو. سندن روَين ۽ ڪاميابين جي فرقن جو داروملدار، گهٽي ياگي، ظاهري صورتحال جي بجاءِ اُنهن جي ڪردار تي رکيل هو. ڪمزوري ۽ بزدليءَ مان ڄُجهين ڳالهين ڪرڻ ۽ هڪ ماڻهوءَ جي خيالن تي پاڙڻ جي بجاءِ، يونانين جي گڏيل ڪائونسل کي ماڻهن جي هردلعزيز اسيمبلي جي جوش جذبي منجهان ڪافي اتساهه مليو هو جتي هر شهريءَ کي فقط شان شوڪت حاصل ڪرڻ جي لوري لڇل رهي ٿي، اهو آزاديءَ تي فخر ۽ موت کان نفرت ڪري ٿو. بربرن مٿان اسلحي توڙي نظم ۽ ضبط ۾ برتري رکڻ کان هو چڱيءَ طرح باخبر هيا، تنهنڪري ڪنهن جي اڳيان جهڪڻ کان نفرت ۽ ڪنهن آڏو آڻ يا شڪست مڃڻ کان

صاف انڪار ڪيائون، هر رندڪ يا رڪاوٽ جو مقابلو صبر، همت ۽ حوصلي ۽ فوجي مهارت سان ڪيو ويو ۽ ڏهن هزار ماڻهن جي يادگار پاڄ ڪي فارس جي بادشاهت جي انتهائي ڪمزوري ۽ سخت بيعزتي سمجهيو ويو.[115]

بيعزتي وارين رعايتن حاصل ڪرڻ جي موٽ ۾ شهنشاهه سوچيو هوندو ته روم جي بُک ۾ پاڻ ڏيل ماڻهن کي شايد جهجهي مقدار ۾ کاڌو خوراڪ مهيا ڪيو ويندو[116] ۽ ڪين اها به اجازت ڏني ويندي ته هو پلي پل تان دجلہ نديءَ کي اُڪري وڃن جيڪا فارس وارن پنهنجن هٿن سان پاڻ ٺاهي هئي. پر، جيڪڏهن جوڙين اهو سمجهيو هو ته هن هڪجهڙائيءَ وارن شرطن تي سمجهوتو ڪيو هو ته پوءِ اها ڳالهه مشرق جي آمر هرگز نٿي ڄاڻي ته سندس نرم دلي ۽ مهربانين سبب، پنهنجي ملڪ تي حملي ڪندڙن کي هن اڳ ئي معاف ڪري ڇڏيو هو. عربَ ڪڏهن ڪڏهن رولُو پيش قدمي ڪندڙن کي رستي تي روڪيندا هيا، پر ساپور جي جنرلن توڙي سپاهين فوجي محاظ آرائيءَ کي ختم ڪيو ۽ جوڙين کي ندي اُڪرڻ جي مناسب جڳهه تلاش ڪرڻ جي تڪليف ڪرڻي پئجي وئي. ننڍا جهاز، جيڪي سامونڊي آرماڙ جي وڏي ٻاهه کان بچي ويا هيا، وڏيون ۽ ضروري خدمتون ڪندا رهيا. اُنهن پهريون ته شهنشاهه ۽ سندس خاص ماڻهن کي پار پهچايو. انڪانپوءِ باقي بچيل فوج جي سپاهين کي وقفي وقفي سان اُڪارينداَ رهيا. پر جيئن ته هر ماڻهوءَ کي پنهنجي ذاتي سلامتيءَ جو وڏيڪ فڪر هو ۽ اهو به ڊپ هو ته مبادا هو دشمن واري ڪناري طرف رهجي نه وڃي، ته اُهي سپاهي، جن ۾ سُست رفتار سبب ترسڻ ۽ انتظار ڪرڻ ۾ بيچيني ۽ بيصبريءَ جو مظاهرو ٿي ڪيو، وڏي بهاديريءَ منجهان نندين شين ۽ سيٽاهه جو سهارو ورتو ته ٻين وري گهوڙن جي سهاري تي ترڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ نيٺ مختلف طريقن سان نديءَ کي اُڪري پار پهچي ويا. پر ان جي باوجود ڪيترن ئي بهادر تارن کي نديءَ جي تيز لهرن لوڙهي ڇڏيو ۽ ٻيا جيڪي تيز وهڪرن ذريعي پار پهچي ٻه ويا ته اُهي جهنگلي بربرن ۽ عربن جي ظلمن جو نشانو بڻجي ماريا ويا؛ اهڙيءَ طرح جيڪو نقصان فقط دجلہ نديءَ کي پار ڪرڻ جي سلسلي ۾ روم وارن کي برداشت ڪرڻو پيو، اُهو جنگ ۾ ٿيل قتلام کان ڪنهن به طرح سان گهٽ نه هيو. جيئن ئي روم وارا نديءَ جي اولهه واري ڪناري تي لٿا ته اُنهن کي اطمينان ٿيو ته بربرن جي حملن کان هاڻي هو محفوظ هيا، پر ميسوپوٽيميا جي برپٽن بيابانن ۾ ٻن سؤ ميلن جي پنڌ ڪرڻ کانپوءِ، بک ۽ اُڃ کين انتهائي بيحاليءَ جي حالت ۾ پهچائي ڇڏيو هو. کين مجبور ٿي هڪ وارياسي بيابان مان گذرڻو هو جنهن ۾ ستر ميلن تائين نه ته ڪنهن سرسبز گاهه جو نالو نشان هو ۽ نه وري اُتي پاڻيءَ جو ڪو هڪڙو چشمو نالي ماتر به موجود هو. ۽ ٻيو ته سڄي جو سڄو برپٽ اهڙو ته ويران ٿي نظر آيو جو ان ڳالهه جو امڪان تمام گهٽ هو ته اُتي ڪڏهن به ڪنهن دوست يا دشمن پير ڌريا هوندا يا اُتي ڪڏهن به ڪو گهميو ڦريو هوندو. ڪڏهن قسمت سان ان علاقي ۾ ڪٿي ڪو ائو نظر ٿي آيو ته ان جا فقط ويهه پائونڊ سون جي ڏهن ڀرن عيوض خريد ٿي ڪيا ويا؛[117] بار کڻندڙ جانورن کي ڪُهي، پچائي ۽ هڙپ ڪيو ٿي ويو. ۽ سڄي برپٽ ۾ جڳهه جڳهه تي روم جي سپاهين جو سامان ۽ سندن فوجي هٿيار ٽڙيل پکڙيا پيا هيا جن جا ڪاتل ۽ ڇڻيون لڳل ڪپڙا ۽ اُنهن جي خراب حالت سندن ماضيءَ جي مصيبتن ۽ سندن بدحاليءَ بابت گهڻو ڪجهه ٻڌائي رهي هئي. ڪاڌي خوراڪ جو هڪ قافلو فوج سان ملڻ لاءِ اڳتي وڌيو جيڪو اُر جي محلات تائين ويو ۽ ڪاڌي پيتي جي رَسد وڏي احسانمنديءَ واري هئي چاڪاڻ ته ان ۾ سيباستيَن ۽ پروڪوپيَس طرفان ساڻن وفاداريءَ جو اظهار پڻ ڪيل هو. ٽِلسافاتا وٽ،[118] شهنشاهَ،

ميسوپوٽئميا جي جنرل جو وڏي گرمجوشيءَ مان استقبال ڪيو. ۽ ڪڏهن هڪ جاندار فوج جا نشان، نسبس جي ديوارن هيٺان ڏٻايا ويا. جووين جي پيغام ڏيندڙن اڳ ۾ ئي خوشامدي لهجي ۾ سندس الیکشن، امن جي معاهدي ۽ سندس واپسيءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو هو ۽ نئين شهنشاهَ، يورپ جي صوبن ۽ سندن فوجين جي وفاداريءَ کي يقيني بنائڻ جا بيحد اثرائتا اُپاءَ وٺي ڇڏيا هيا. هن سلسلي ۾ هن فوج جي ڪمان اُنهن آفيسرن کي سؤنپي هئي جن پنهنجي دلچسپيءَ ۽ فطري لاڙن ذريعي ۽ پنهنجن ارادن جي مضبوطيءَ سان ان شهنشاهه سان پنهنجي وفاداريءَ جو وَچن ڪيو هو جنهن جا متن کيترائي احسان هيا.[119]

جولين جي دوستن وڏي اعتماد مان سندس مهر جي ڪاميابيءَ جو اعلان ڪيو هو. سندن دلين ۾ خوشي ۽ کين يقين هو ته ديوتائن جي مندرن کي اوپر جي جنگ جي مال - غنيمت منجهان پريو ويندو. ۽ فارس جي وڏائيءَ کي گهٽائي هڪ نندڙي ۽ بين تي پاڙيندڙ صوبي ۾ تبديل ڪيو ويندو جن تي روم جي قانونن ۽ مئجسٽريٽن ذريعي حڪومت ڪئي ويندي؛ ۽ بربر پي، پنهنجن فاتحن وارا ڪپڑا پائيندا، سندن ئي هولي ڳالهائيندا ۽ اُنهن جي اخلاق عادتن جي ڪاپي ڪري پنهنجو ڪندا ۽ ايڪٻٽانا ۽ سُوسا جا نوجوان پنهنجن يوناني ماهرن ۽ مالڪن جي رهبريءَ هيٺ تقرير بازيءَ جو فن سکندا.[120] جولين جي جنگي هٿيارن جي ترقي، شهنشاهت سان پيغامن جي مٽ سٽ جي نظام کي متاثر ڪيو ۽ ان گهڙيءَ کان جڏهن هن دجلہ نديءَ کي پار ڪيو هو، ته سندس رعيت جا ماڻهو، جيڪي ساڻس محبت ڪندا هيا، پنهنجي شهنشاهه جي قسمت ۽ مقدر کان بلڪل بيخبر رهجي ويا هيا. سندن تصوراتي خوشي ۽ فتح جي خوابن کي، سندس موت جي افواهن کين غمگين ڪري ڇڏيو ۽ اُنهن اهڙين خبرن تي شڪ ڪرڻ شروع ڪيو پر پوءِ جڏهن شڪ پڪ ۾ بدلجي ويو ته کين اهڙي ڏکوئيندڙ ۽ موت جي اٽل واقعي تي مجبور ٿي يقين ڪرڻو پيو.[121] جووين جي پيغام رسائيندڙن امن جي معاهدي جي تعريف ۾ شاندار کهاڻيون ناهي ورتيون ته اهو شهنشاهه طرفان هڪ دوراندیشيءَ وارو ۽ بيحد ضروري قدم هو، پر ڏنڊ وري جو آواز وڌيڪ شور ڪندڙ ۽ سچو هوندو آهي جنهن ذريعي شهنشاهه جي بيعزتي جو چرچو عام ٿي ويو ۽ شرمناڪ دستاويز جي ذلت آميز شرطن جي حقيقت پڌري ٿي پيئي. ماڻهن کي سخت حيرت ۽ غم وکوڙي ويو. کين بيحد ڪاوڙ ۽ خوف پڻ ان وقت پريشان ڪيو ۽ سندن جيءَ کي جهنجهوڙيو جڏهن کين ٻڌايو ويو ته جولين جي انتهائي نالائق وارث پنهنجي شهنشاهت جا پنج صوبا دشمن جي حوالي ڪري ڇڏيا هيا جن کي گئلريَس جي سوپ ذريعي حاصل ڪيو ويو هو؛ تنهن ڪانسواءِ هن وڏي بيشرمائيءَ منجهان نسبس جو اهم شهر پڻ بربرن جي حوالي ڪري ڇڏيو هو جنهن کي اوپر جي صوبن جو مضبوط دفاعي شهر سمجهيو ويندو هو.[122] ان سڄي ڏکوئيندڙ صورتحال بابت ماڻهو عام محفلن ۾ اهو اونهو ۽ خطرناڪ سوال هڪ ٻئي کان پڇندا هيا ڇو ته ان جو تعلق عوام جي سلامتيءَ سان ٽڪراءَ ۾ هو ۽ ماڻهن جي اعتماد کي وڏو ڏڪ پڻ رسيو هو پر پوءِ ڪجهه ماڻهن طرفان اها اُميد ڪئي ٿي ويئي ته شهنشاهه پنهنجي بزدليءَ واري ڪنيل قدم جو ازالو، حب الوطنيءَ جي هڪ شاندار ۽ اوچتي وارَ سان ڪندو ۽ دشمن متان وڃي ڪڙ ڪندو. روم جي سينيٽ جي اٽمٽ عزم ۽ جذبي اها ڳالهه هرگز تسليم نه ڪئي هئي ته مخالف فوجن جون حالتون هڪ جهڙيون نه هيون، جن ذريعي دشمن قيد ڪيل روم جي فوج جي بدحاليءَ جو ناجائز فائدو ورتو هيو. ۽ جيڪڏهن قومي وقار کي مطمئن ڪرڻ ضروري هيو ته پوءِ ڪوتاهي

ڪندڙ ان جنرل کي بربرن جي حوالي ڪيو وڃي ها. اهڙيءَ طرح سان جووَين جي رعيت جا ماڻهو به قديم زمانن جي ان مثال کي، ٻيهر ڏهرائجڻ تي، خوشيءَ سان قبول ڪري ونڻ ها.[123]

پر شهنشاهه، پوءِ ڪٿي سندس آئيني اختيارن جو دائرو ڪيڏو به ڇو نه هجي، پنهنجي ملڪ جي قانون قاعدن ۽ فوج جو مڪمل مالڪ هو؛ ۽ جن مقصدن کيس امن جي دستاويز کي طئي ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو، اُنهيءَ ساڳي صورتحال کيس مٿس زور وڌو ته امن جي معاهدي تي هاڻي عمل ڪري. هن کي وڌي تشويش فقط اها هئي ته پنهنجي بچيل شهنشاهت کي محفوظ ۽ مضبوط بنائي ۽ ان مقصد لاءِ جيڪڏهن ڪجهه صوبن جي قرباني به ڏجي ته ان ۾ ڪو هرج ڪو نه هو؛ هن سلسلي ۾ مذهب جي مقدس نالي ۽ وقار، جووِين جي اندروني خطرن ۽ ذاتي مقصدن کي لڪائي ڇڏيو هو. اتان جي رهواسين جي عرضن ۽ منتن تورِي شرافت ۽ دوراندیشيءَ جي گُهرجن جي باوجود شهنشاهه کي نِسبِس جي محلات ۾ رهائش اختيار ڪرڻ کان روڪيو ويو هو. پر سندس آمد جي ٻي صبح تي، بنيسِس جيڪو فارس جو سفير هو، محلات ۾ داخل ٿيو، قلعي وٽان هن عظيم بادشاهه جي جهنڊي کي ڦڙڪايو. ۽ سندس ٿي نالي ۾ هن ٻن ظالماڻن شرطن: "ملڪ نيڪالي يا غلاميءَ" کي قبول ڪرڻ جو اعلان ڪيو. رهواسين کيس منٽون ڪيون ته هڪ وفادار ڪالونيءَ کي ڦهريون ته دربدريءَ ۾ نه ڇڏي، پر جي ائين ڪري ته گهٽ ۾ گهٽ ان کي بربر آمر ۽ ظالم جي حوالي ته نه ڪري جنهن کي تن لڳاتار شڪستن جي اندر ۾ آڳ ڀڑڪيل هئي ۽ اُهي شڪستون هن نِسبِس جي ديوارن اندر کاڌيون هيون. وٽن اڃا به ڪافي هٿيار ۽ همت هئي ته پنهنجي ملڪ تي حملي ڪندڙ کي تڙي ٻاهر ڪن؛ اُنهن کين عرض ڪيو ته اُهي هٿيار کين فقط پنهنجي حفاظت لاءِ استعمال ڪرڻ ڏنا وڃن؛ ۽ جيئن ٿي کين آزاديءَ کي قائم ڪرڻ جو حق ڏنو ويو؛ ته وري اُهي ٿي ماڻهو رعيت ٿيڻ جا منٽون ڪندڙ عرضدار بڻجي ويا. سندن دليل، سندن فصاحت بلاغت ۽ سندن ڳوڙها سڀ اجايا ثابت ٿيا. جووِين کجهه مونجهاري سمجهان کين قسمن جو تقدس ياد ڏياريو. ۽ جنهن رنجيدگيءَ سان هن سون جي تاج جو تحفو قبول ڪيو هو، اُن شهرين کي نااُميديءَ ۽ صدمي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو ۽ هِن موقعي تي وڪيل سِلوئنَس کي ڪاوڙ آئي جنهن وڏي آواز مان پڪاريو: "اي شهنشاهه! تون پلي پنهنجي حڪومت جي سيني شهرن جا تاج پائي ڇڏ!" جووِين، جنهن ٽورِن ٿي هنتن ۾ هڪ شهنشاهه جون عادتون سکڻ شروع ڪيون هيون،[124] آزاديءَ مان تنگ ۽ سڄ ڪان بيزار تي پيو هو ۽ هن جائز طرح سان اندازو لڳايو هو ته ماڻهن جو غم ۽ غصو ممڪن آهي ته کين فارس جي حڪومت جو فرمانبردار بڻائي ڇڏي؛ هن موت واري درد سان هڪ حڪم نامو جاري ڪيو ته سندس راڄ وارا تن ڏينهن جي اندر شهر ڇڏي هليا وڃن. اميئنَس، ان دردناڪ منظر کي پنهنجي قلم سان ويهي ڇڻيو آهي جنهن ۾ هو خود ڇڻ ان ڏکوئيندڙ منظر جو حصو بڻجي ويو آهي.[125] بهادر نوجوانن ڪاوڙ ۽ ڏکم مان شهر جي اُنهن ديوارن کي ڇڏي ڏنو جن جي هنن شاندار نموني سان هن وقت تائين حفاظت ڪئي هئي؛ هڪ دلگير ماتم ڪندڙ پنهنجي پٺ يا مڙس جي مقبري تي وڃي الوداعي ڳوڙها ڳاڙيا، کين اهو به غم هو ته انهن قبرن ۽ مقبرن جي، بربر حاڪر طرفان، بيحرمتي ڪئي ويندي، ۽ هڪ پوڙهي شهري گهرجي چانئٽ کي چمي ڏني ۽ ان گهرجي دروازن سان ديرتائين چنبڙي روئيندو رهيو جتي هن پنهنجي ٻالڪپڻ ۽ جواني وارا خوشي ۽ مسرتن جا ڏينهن ۽ راتيون پنهنجي موج مستيءَ ۾ گذاريا هيا. شاهران تي ماڻهن جا انبوهه ڏِڄندا ۽ ڪنبدا گذري رهيا هيا، هن اوچتي

مصيبت ۾ ماٺهن کان مرتبن، جنسن ۽ عمرين جا فرق وسري ويا هيا. هر ماٺهوءَ کوشش ڪئي ته پنهنجي بدقسمتيءَ جي يادن جو ڪو ٽڪرو هٽ ڪري ساڻ کڻي وڃي؛ ۽ جيئن ته هو پاڻ سان گڏ وڏي تعداد ۾ پنهنجا گهوڙا ۽ گاڏيون کڻي نٿي سگهيا ته اُنهن مجبور ٿي پنهنجو مال ملڪيت ۽ قيمتي سامان اُتي ئي ڇڏيو جتان هو دربدر ٿي نڪتا هيا. جوويَن جي وحشي پٽي واري حماقت هنن بدقسمت خاندان بدوشن لاءِ اڻ ڳڻيون مشڪلاتون پيدا ڪري ڇڏيون هيون. بهرحال کين اُميدا جي نئين تعمير کيل وسنديءَ ۾ رهايو ويو. جيڪو جلد ئي ترقي ڪري هڪ شهر ۽ پوءِ هڪ وڏي ڪالونيءَ جو روپ اختيار ڪري ويو؛ ۽ ڏسندي ڏسندي پنهنجي اڳئين شان شوڪت کي حاصل ڪري ميسوپوٽيميا جي گاديءَ جو هنڌ بڻجي ويو.[126] سنگارا ۽ اتر اولهه آفريڪا جي بربرن کي به شهنشاهه طرفان ساڳيو حڪر ڏنو ويو ته هو انهن شهرن کي فورن خالي ڪن ته جيئن دجلہ کان پريرن پنجن صوبن کي اصل حالت ۾ بحال ڪرائي سگهجي. ساپور پنهنجي سوپ جي شان شوڪت ۽ اعزاز کي خوب ملهائي رهيو هو ۽ هن شرمناڪ امن جي دستاويز کي، روم جي شهنشاهت جي زوال ۽ خاتمي جي اهم ۽ يادگار دؤر طور ياد رکيو ويندو. جوويَن جي ابن ڏاڏن، ڪن موقعن تي پرانهن ۽ غير فائديمند صوبن ٿي حڪومت ڪرڻ ڇڏي ڏني هئي، پر شهر جي بنيادن پوڻ ڪانپوءِ، روم جو روح، * يعني ٽرمينس ديوتا، جنهن جمهوريه جي سرحدن جي حفاظت ٿي ڪئي، فاتح دشمن جي ترارن اڳيان ڪڏهن به پنهنجي شڪست نه مڃي هئي.[127]

جڏهن جوويَن پنهنجين مصروفيتن، جن بابت سندس ماٺهن کيس لالچايو هوندو ته اُهي ڪر هو نه ڪري، مان واندو ٿيو ته بنادير جي پنهنجي گهر بار سميت ائنٽئڪ هليو ويو ته اُتي وڃي آرام ۽ عياشيون ڪري.[128] پنهنجن مذهبي جذبن سان مطابقت نه رکندي، هنجي انسانيت ۽ احسانمنديءَ جي احساس کيس آماده ڪيو ته هو فوت ٿيل حاڪر جي ياد ۾ پنهنجي طرفان اعزاز ۽ احترام جو نذرانو پيش ڪري؛[129] ۽ پروکوپيس، جنهن پنهنجن عزيزن قريبن جي موت تي ماتم ڪيو هو، ڪي ڪفن دفن جي بهاني سان، فوج جي ڪمان کان هٽايو ويو. جولين جي ميت کي نِسبِس کان ٽارسَس نيو ويو جنهن ۾ آهستگيءَ سان هلندي پندرهن ڏينهن لڳي ويا؛ ۽ جيئن ئي اُهو ماتمي جلوس اوپر جي شهرن منجهان گذري رهيو هو ته دشمن طرفان به کيس سلامي پيش ڪئي وئي، پر اُنهن آوازن ۾ ماتمي درد به هيو ته شور شرابي وارا بيعزتي جا جملا به چيل هيا. لادينن اڳ ئي پنهنجي عظيم سپوت کي ديوتائن جي ان لسٽ ۾ شامل ڪري ڇڏيو هو جن جي عبادت کي هن ئي واپس ورايو هو؛ جڏهن ته عيسائين طرفان مٿس گارگند جو ٿهڪو لڳو پيو هو جن چيو ته مرتد سڏو دوزخ جي باهه جو ٻَڪُ ٿي ويندو.[130] هڪ ڏر پنهنجن قربانگاهن جي عنقريب ايندڙ تباهيءَ تي ماتم ٿي ڪيو ته ٻي ڏر وري ڪليسا جي چوٽڪاري کي ملهايو ٿي. عيسائين، وڏن ۽ مشڪوڪ آوازن ۾ قدرت پاران ان انتقام کي خوشين سان ملهايو ٿي جيڪو ايترو ڊگهو عرصو جولين جهڙي گنهگار جي سِرَ مٿان ترار جيان لڙڪيو بيٺو هو. اُنهن تسليم ٿي ڪيو ته آمر جي موت جو، جيڪو دجلہ کان ڪجهه اڳيري پنڌ تي ٿيو هو، مصر، شام ۽ ڪپاڈوشيا[131] جي درويشن کي اڳ ۾ ئي الهام ٿي چڪو هو ۽ بجاءِ انجي جو هو فارس وارن جي تيرن ۽ نيزن سان ماريو وڃي ها، هي ڪارنامو، سندن چوڻ موجب، سندن ئي عقيدي جي هڪ فاني يا لافاني بهادر طرفان سرانجام ڪيو ويو هو.[132] حماقت ۽ نالائقيءَ جي اهڙن اظهارن کي، سندن مخالفن[133] جي ڪيني يا سادگيءَ منجهان

اختيار ڪيو ويندو هو جيڪي گمراهيءَ ۾ اهڙو اشارو ڏيندا هيا يا اعتماد منجهان تصديق ڪندا هيا تہ ڪليسا جي گورنرن، مقامي قاتل جي[134] مذهبي جنون کي اُپاري ۽ جولين کي قتل ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو هو. جولين جي موت کان سورهن سالن کان ٻہ وڌيڪ عرصي گذرڻ کانپوءِ، ان الزام جي ثابتيءَ لاءِ تمام زور ۽ خلوص مان هڪ عوامي تقرير ۾ ڪوشش ڪئي وئي جنهن ۾ ليبيتيس، شهنشاهہ ٿيوڊوسيس ڏانهن مخاطب ٿيندي پنهنجي تقرير ڪئي، سندس شڪن کي، حقيقت تورِّي دليلن ذريعي ٻہ تقويت نٿي ملي ۽ اسان فقط اٽنٽئڪ جي فيلسوف جي جذبي کي سمجهي سگهون ٿا جنهن جو اظهار هن پنهنجي دوست جي ڏڻي ٿيل ۽ وساريل خاڪ جي باري ۾ ڪيو هو.[135]

روم وارن ۾ دفن ڪرڻ تورِّي خوشين ملهائڻ جي سلسلي ۾ هڪ قديم رسم اها هوندي هئي تہ تعريف ڪرڻ جي آواز کي طنز يا ڪل پوڳ ذريعي هلڪو ڪيو وڃي ۽ ٻيو تہ شاندار نمائشن ۽ ڏيکاءَ جي ميڙن جي وچ ۾، جن ۾ جيئرن يا مئلن جي شان ۾ تعريفي جملا چيا ويندا هئا تہ اهڙن موقعن تي اهو ٻہ ضروري هوندو هو تہ اُنهن ماڻهن جي اوڻاين ۽ ڪوتاهين کي ٻہ دنيا جي نظرن کان اوجهل نہ ڪيو وڃي.[136] هن ثقافتي رسم کي جوليين جي دفن ڪرڻ جي موقعي تي ادا ڪيو ويو هو. جيڪي پوڳائي ۽ چرچائي هيا، جن کي، جوليين جي ٿيٽر کان نفرت جي باري ۾ اعتراض هيا، تمام خنده مزاجيءَ سان ۽ پوڳن واري انداز ۾ فوت ٿيل شهنشاهہ جون بيشمار اوڻايون بيان ڪيون جن کان عيسائي تماشبين بيحد محفوظ ٿي رهيا هيا. سندس ڪردار جي مختلف رُخن ۽ مخصوص عادتن ماڻهن کي لطف اندوز ٿيڻ تورِّي مٽس توڪون ڪرڻ جو موقعو ڏنو.[137] پنهنجن غير معمولي لياقتن سبب، هو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي مان ۽ مرتبي کان ٻہ گهٽو هيٺ هليو ويندو هو. جيئن سڪندر پاڻ کي ڊايوجينس * ۾ تبديل ڪري چڏيو هو، تيئن هڪ فيلسوف ٻہ پاڻ کي پادريءَ ۾ بدلائي چڏيو هو. سندس نيڪيءَ جو نِڇ پٽو سندس اجائي ڦوند جي ڪري ضايع ٿيو هو؛ سندس وهمن وسوسن سبب امن ۾ خلل پيو هو ۽ تمام وڏي شهنشاهت جي سلامتيءَ کي ان خطري ۾ وجهي چڏيو هو. ۽ سندس اڻ اعلانيل ڪاهون يا جُلهون، سندس شفقتن ۽ مهربانين سان نٿيون پيٽي سگهجن، جو تہ اُنهن ۾ چالاڪي ۽ مصنوعيت جو عنصر تمام گهٽو پريل هوندو هو. جولين کي سليشيا ۾ تارسَس جي شهر ۾ دفن ڪيو ويو. پر سندس عاليشان مقبرو جنهن کي ساڳئي شهر ۾ تعمير ڪيو ويو هيو ۽ جيڪو ڏڻي ۽ شفاف سِندس جي ڪنارن تي هيو،[138] سندس اُنهن وفادار دوستن لاءِ ايترو خوش ڪندڙ نہ هيو جيڪي نہ فقط ساڻس پيار ڪندا هيا بلڪہ ڪيس پوڄندا هيا جو تہ هو هڪ غير معمولي انسان هو. هن فيلسوف هڪ مانائتي وصيت ڪئي هئي تہ افلاطون جي شاگرد ۽ پوئلڳ کي پلي سندس اڪئڈمي[139] جي وٽن جي جهڳڙن ۾ آرام ڪرڻ ڏنو وڃي، جڏهن تہ فوجي سپاهين عقيدت منجهان رڙيون ڪندي ٿي پڪاريو تہ جولين جي خاڪ کي، جنگي ديوتا مارس جي زمين ۾ سيزر جي خاڪ سان ملايو وڃي جتي روم جي اخلاق جي علمبردارن جا ٻيا ٻہ قديمي يادگار موجود آهن.[140] شهنشاهن جي تاريخ، هن قسر جي خوبصورت مثالن کي مشڪل سان ۽ شايد وَرهن پڇاڻان ٿي ورجائيندي آهي.

باب - چوويهون
حاشين بابت وضاحتون.

1. جولين جي تحريرن بابت ڏسو هڪ افسانو يا طنز (ليپزگ ايڊيشن جا صفحا - 336 - 306) فرانسيسي ترجمو جيڪو ايزڪيل اسپانير ڪيو آهي، (پئرس - 1683) سو بي ٽُڪو. اينگهائيندڙ ۽ غلط آهي ۽ سندس حاشيا، پروف ۽ وضاحتون هڪ ٻئي مٿان ڦها ڪيل اهن تہ جيستائين اُنهن جو مواد اٽڪل 557 صفحن جو ٿي ويجي. هن سلسلي ۾ ابي ڊي لابليٽري (واء - ڊي جوڙين - 393 - 241 ,i) وڌيڪ وضاحت سان ٿُڌ بيان ڪيو آهي جيڪو اصل تحرير جو صحيح عڪس تو معلوم ٿئي جنهن ۾ هن پنهنجن حاشين وغيره سان مختصر وضاحتون ڪيون آهن.

2. اسپانير (پنهنجي مهاڳ ۾) يوناني ديوتا جي باري ۾ لفظن جي سائنس موجب، انجي اصليت، هڪ جهڙائي توڙي غير موافقت بابت هڪ عالماڻو بحث ڪيو آهي، جيڪو بذات - خود هڪ ڊراماٽي ٽڪرو ٿي پيو آهي جنهن تي، سانحي ٿيڻ بعد، پارٽ ادا ڪيا ويا هيا. لاطيني طنزون، نثر توڙي نظر جو مرڪب هيون. ۽ "جولين جا سيزرس" ايترا تہ اصلي ۽ نِج آهن جو هڪ نقاد بہ مُنجهي تو پوي تہ انکي ڪهڙي سطح يا درجي تي تصور ڪيو ويجي.

* (روم جو عوامي ميلو جيڪو ڊسمبر جي آخر ۾ لڳو هو جنهن ۾ سماجي ڪردار کي ابتو ڪيو ويو هو ۽ جنهن ۾ غلامن کي پنهنجن مالڪن تي طنز ۽ تنقيد ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي هئي.)

3. سائليئس جي مبهم ۽ مشڪوڪ ڪردار کي، ورجل جي ڳوڻاٽي زندگي بابت شاعريء جي ڇهين نظر ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

4. هر غير جانبدار پڙهندڙ، پڙهڻ ۽ غور ڪرڻ ڪانپوءِ جولين جي هڪ طرفي روَيي کي يقينن نندينڈو جيڪو هن پنهنجي چاچي ڪانسٽنٽائن ۽ عيسائي مذهب خلاف روا رکيو هو. هن موقعي تي سندس ترجمان بہ، هڪ مقدس مقصد خاطر، مجبور ٿي، پنهنجيون وفاداريون ختم ڪري ڇڏيون ۽ پنهنجي ليڊر جي مقصد ۽ اصولن کي ڇڏي ڏنائون.

5. جولين ڳجهيءَ طرح سان يا تہ يونانين کي يا وري روم جي ماڻهن کي هين تي ترجيح ڏيندو هو. پر جڏهن هن سنجيدگيءَ سان هڪ سپوت جي پيٽ هڪ فيلسوف سان ڪئي تہ هو بيحد عقلمند هو ۽ ڪيس خبر هئي تہ سچي انسانذات تي سقراط جا احسان هيا يا هين لفظن ۾ انسانذات سندس قرضدار هئي تنهنڪري هن سڪندر اعظم جي مقابلي ۾ سقراط کي وڌيڪ اهميت ڏني. (تقرير - ٽيمسٽيَر ص - 264)

* (تسليم تو ڪري)

6. "هندستان جا ماڻهو سندس تلاش ۾ هيا جن تحفن سميت پنهنجا خاص ماڻهو.....پري پنڌ يعني ديوي ۽ سيلون کان موڪلي ڏنا." اميئينَس - (xxii, 7) هي ٻيٽ، جنهن سان تپروبانا، سراندیپ ۽ سيلون جا نالا ڳنڍيل آهن، ظاهر تو ڪري تہ ڪومورن جي ٻيٽ جيَ اوپر وارن علائقن توڙي سموندن جي باري ۾ روم وارن جي ڄاڻ ڪيتري نہ اڻپوري ۽ ناقص هئي. 1، ڪلاڊيَس جي حڪومت، ۾ هڪ آزاد ڪيل ماڻهو، جنهن کي ڳاڙهي سمنڊ ۽ ان جي ارد گرد جي رسمن رواجن جي ڄاڻ هئي، تيز هوائن ذريعي ڌڪجي هن عجيب و غريب ۽ اڻڄاتل ڪناري تي اچي لٿو هو: هن ڇهن مهينن

تائين مقامي ماڻهن سان سندن زبان ۾ ڳالهائڻ هولهائڻ شروع ڪيو ته ساڳي وقت سيلون جي بادشاهه سان به رابطا رکيائين، جنهن پهريون دفعو روم جو نالو، توڙي انجي طاقت بابت ڪجهه ٻڌو ۽ ايترو متاثر ٿيو جو روم جي شهنشاهه ڏي پنهنجو سفارتخانو موڪلي ڏنائين. (پلني - فطري تاريخ - vi, 24) 2. جاگرافي جي ماهرن (توڙي پٽوليمي) هن نئين دنيا جي سائيز کي مبالغو ڪري پندرهوٽو ڪري پيش ڪيو آهي جنهن کي هُو خط استوا ۽ چين جي پسگردائيءَ تائين وڌي ويا آهن.

7. هي سفارتخانا ڪانسٽئنٽيَس ڏانهن موڪليا ويا هيا. امئينَس، جيڪو بيخياليءَ ۾ اصل موضوع تان هٽي بيجا خوشامد ۾ ڪاهي پيو آهي، رستي جي ڏِگهائيءَ کي پڪ سان وساري وينو آهي ته شايد ڪانئُس جولين جي مختصر حڪومت جو دور به وسري ويل ٿو پانئجي.

8. هن چيو، "گاٽ گهٽو ڪري فريبي ۽ دغا باز ٿين ٿا، تنهنڪري ڪيس مٿاهين ڪردار وارن دشمنن جي ڳهرج هئي، باقي گالن لاءِ ته گلاٽينَس جهڙا ڪرايي تي هلندڙ ۽ هين لاءِ ڪر ڪندڙ به ڪافي هيا جن ذريعي هو هر جڳهه تي غلام ٿي وڪامندا هيا." پندرهن سالن کان به گهٽ عرصي ۾ ساڳين گالن ۽ غلامن پنهنجن مالڪن کي نه رڳو للڪاريو پر اُنهن کي پنهنجي تابع بٽائي ڇڏيو.

9. سڪندر پنهنجي مخالف سيزر کي ياد ٿو ڏياري، جنهن ايشيا جي سوچ جي شهرت ۽ حقيقت تي پنهنجي ناپسنديدگيءَ جواظهار ڪيو هو، ته ڪراسَس ۽ ائٽني، فارس وارن جي تيرن کي محسوس ڪيو هو. ۽ ٽن سؤ سالن جي جنگ ۾ روم وارن کڏهن به ميسوپوٽئميا يا اسيريا جي ڪنهن هڪ صوبي کي به فتح نه ڪيو هو. (سيزرس - ص - 324)

+ (ساپور II - فارس جو بادشاهه - پنهنجي ڇر 310 ڪانوٽي، پنهنجي موت - 380 تائين).

10. فارس جي جنگ جو نقشو اميئنَس ڇگيءَ طرح ڏاهيو ۽ ظاهر ڪيو آهي (xxii, 7, 12) لبينيَس (پدري تقريرون (باب 79,80 ۽ صفحا 305,306) زوسيمس (iii, 158) ۽ سقراط (iii, 19) .

11. جولين جون طنزون ۽ سينٽ ڪرسوسٽم جون تبليغون، ائنٽئڪ جي ساڳي تصوير ڏاهن ٿيون. اتان وري جيڪو ننڍو خاڪو ابي ڊي لابليٽري نقش ڪيو آهي (واءِ - ڊي جولين - ص - 332) اُهو درست هجڻ سان گڏ شاندار به آهي.

12. لائوڊيسيا، گاڏين ۽ گهوڙي گاڏين کي ڏيکاريو. ٽائر ۽ بيريٽس مسخرن کي سامهون آندو. سزئريا خاموش ناٽڪي رنگن جي نمائش ڪئي جنهن ۾ وڏي وِندر وِرونهن هئي، هيليپولِس ڳائڻن کي ڳولي ڳارايو، گازا آکاڙن جا پهلوان پيدا ڪيا، ائسڪئلن ڪُشتيءَ جا ويڙهاڪ سامهون آندا ۽ ڪئسٽابالا وري نوڙين تي نچڻ وارن جو تعارف ماڻهن سان ڪرايو. هن سلسلي ۾ وڌيڪ ڏسو هڊسن جو ڪتاب. (ننڍا جاگرافي جا ماهر - ٽيون جلد - ص - 6).

13. "حضرت عيسيٰ (ع-س) کي پوڄڻ ۾، اوهان وٽ زيئَس ديوتا اوهان جو محافظ آهي." ائنٽئڪ جا ماڻهو ڏهني طرح حضرت عيسيٰ (ع - س) ۽ ڪانسٽئنٽيَس سان لاڳاپيل هيا. (مسوپوگن ۾ جولين - ص - 357).

14. ائنٽئڪ ۾ تفرقي بازي جي باهه اٽڪل پنجاسي سالن تائين جاري رهي. (415 - 330ع) جنهن کي پالينَس جي حڪمن ذريعي وڌيڪ پڙڪايو ٿي ويو ۽ جولين تڏهن ان شهر ۾ رهندو هو. ڏسو ٽليمانٽ (ڪليسائي يادگيريون - چار ورقي ايڊيشن vii, 803، 1701ع ۾ پئرس ۾ ڇپيل) جنهن جو آءِ حوالو ڏيندس. (ڏسو باب - 21 جو حاشيو نمبر 102)

پالينَس، مليٽيَس جو مخالف هيو جيڪو ائٽنٽڪ جو پادري هيو. 381ع ۾ مليٽيَس جو موت بہ قسطنطنيہ ۾ برپا ٿيل فرقي پرستيءَ سبب ٿيو هو. پالينَس کي مغربي ملڪن جي پادرين جي حمايت حاصل هئي، ڪڏهن ٿہ اڪثريت سندس خلاف هئي.

15. جولين وزن ڪرڻ جا ٽي ماپا ٿو ٻڌائي: ڪٽڪ جا پنج، ڏهہ يا پندرهن موڊي جن جو ملهہ سون جي هڪ ٽُڪري جي برابر هو ۽ اهو ماپو بہ وري اَنَ جي گهٽي ۽ ٿوري مقدار ٿي مدار رکندڙ هو. (مسوپوگن - ص - 369) هن حقيقت تورَي ٻين هڪ جهڙائيءَ وارن مثالن منجهان آڻ هن نتيجي تي پهتو آهيان ٿہ ڪانسٽنٽائن جي جانشينن جي حڪومت ۾ ڪٽڪ جي مناسب قيمت تڏهن انگريزي ڪوارٽر جا ٻٽيهہ شلنگ هئي جيڪا هاٽوڪي صديءَ جي پهرين سالن جي چوهٽ شلنگن جي برابر وڃي بيهندي. ڏسو آريٽنات جي ٻڌن جي جدوَل جنهن ۾ وزن تورَي ماپا وغيرہ تفصيل سان ڄاڻايل آهن. (صفحا - 88، 89 - پلني - فطري تاريخ , xviii, 12 - نقش و نگار جي اڪٻدمي 721-718 ,xxviii - اسمٿ جو فطرت بابت تجسُس ۽ (قومن جي دولت جا ڪارڻ - i, 246) آخري حوالو ڏيندي آڻ فخر مان ٿو چوان ٿہ هي ڪر هڪ درويش ۽ دوست جو آهي (ائڈم سمٿ - 1790 - 1723) جنهن جو ڪتاب، قومن جي دولت 1776ع ۾ ڇپيو هو ۽ اهو عجيب اتفاق آهي ٿہ هن ڪتاب "زوال ۽ خاتمو" جو پهريون جلد بہ ساڳي سال ۾ ڇپيو.

* (جولين جو وڏو پاڻ جنهن کي 354ع ۾ سندس ڏوهن ڪرڻ تي سزا ڏني وئي هئي جڏهن هو ائٽنٽڪ جو سيزر هيو.

16. اميئينَس (xxii, 14) - وڏن وڏن سُڄاڻ شهنشاهن تي ٿہ شايد ميار ئي رکي سگهجي پر اسان جولين جي پنهنجي دفاع پاڻ ڪرڻ تي مطمئن نٿا ٿي سگهون. (مسوپوگن - صفحا (368، 369 يا وري لبينيَس جو واضح دفاع (پدري تقريرون - xcvii, 321) .

17. سندن مختصر ۽ آساني‌ءَ واري قيد کي لبينيَس نرميءَ مان بيان ڪيو آهي. (پدري تقريرون - 323 ,322 ,xcvii)

18. لبينيَس، فئبريشيَس ۾، باب - 17، 18، 19 . (يوناني تاريخوار واقعا 223 ,221 ,vii) هڪ ڏهين وڪيل جيان ماٺهن جي حماقتن کي سختيءَ سان نندِي ٿو جن کي اٺجاتل شرابين ۽ منحوس ماٺهن جي گناهن جي سزا ملي.

19. لبينيَس (ائٽنيوچن 213 ,vii) - ائٽنٽڪ کي سزرئريا جي هاٽوڪي سزا جي باري ۾ ياد ٿو ڏياري ۽ جولين پٽ (مسوپوگن ۾ - ص - 355) اشارن ۾ چوي ٿو ٿہ ڪيئن نہ ٽارينٽر پنهنجي بيعزتيءَ جو ازالو روم جي سفيرن سان ڪيو هو.

20. مسوپوگن جي موضوع تي ڏسو اميئينَس کي (xxii, 14) لبينيَس (پدري تقريرون - 323 ,xvix) گريگري نازيانزين (تقرير - iv 133) ۽ ائٽنٽڪ جا واقعا جن کي جان ملالا بيان ڪيو آهي (ii, 15. 16) آڻ ابي ڊي لا بليٽري جي ترجمي جو وڏو قدردان آهيان ۽ انکي بيحد ساراهيان ٿو. (واءِ ڊي جوَين - ii,1, 138) .

21. امئينَس جائز طرح سان چوي ٿو: " ڪجهہ وقت لاءِ هو پنهنجي ڪاوڙ کي لڪائڻ لاءِ مجبور ٿي پيو پر پنهنجي اندر ۾ جلندو ۽ ڦٽندو رهيو." جولين جي ظاهري طرح بدقسمتي اها هئي جو هو هڪ سنجيدي شخص منجهان ڦاٽي ٻاهر نڪري آيو هو ۽ سڌي سنئين گارگند تائين لهي آيو هو.

22. " هن هيليپولس جي سڪندر کي شام جو گورنر مقرر ڪيو جيڪو هڪ ظالم ۽ اٿپورو انسان هيو ۽ هو چوندو رهندو هو ته ان ۾ سڪندر جي کا اهليت ڪانه هئي پر ائنٽئڪ جي لالچي ۽ فسادي ماڻهن کي هن قسر جي گورنر جي گهرج هئي." اميئينس (xxiii, 2) لبينيس (تحريرون - 722، صفحا 346،347) جيڪو خود جولين آڏو مڃي ٿو ته جيڪا عام ماڻهن ۾ ناراضگي موجود هئي تنهن ۾ هنجو به هٿ هيو. ۽ مڪاريءَ سان چوي ٿو ته سڪندر توڙي جو سخت روّيو رکندڙ هو پر هُو ڏاڍو ڪم وارو هو. طور طريقن جو ستارينڊ ۽ ائنٽئڪ جي مذهب کي به سنوارينڊ هيو.
جولين (مسوپوگن ۾ - ص - 364) اميئينس - (xxiii, 2) ۽ وئليسيس (ائڊلاڪ) لبينيس هڪ زبردست تقرير ۾ کيس دعوت ڏني ته هو پنهنجي وفادار ۽ پڇتاوَ واري شهر ائنٽئڪ ڏانهن واپس اچي.
24. لبينيس (پدري تقريرون - vii, 230, 231)
25. يونئپيس اسانکي ٻڌائي ٿو ته لبينيس شاهي محلات جي مهندار بنجڻ جي عهدي قبول ڪرڻ کان انکار ڪيو هو جو ته اُهو فيلسوف جي مقابلي ۾ گهٽ نمايان عهدو هو (وٽ سوفسٽ - ص - 135) نقادن ساڳئي قسر جي خيالن کي لبينيس جي پنهنجي تحريرن ۾ پڻ ڳولي لڌو آهي. (xvii ، جن کي وولف ايڊٽ ڪيو هو).
26. هڪ اندازي موجب سندس به هزار خط ۽ اُنهن جو اسلوب يا طرز - تحرير جنهن ۾ لبينيس جو مَتُ ڪو به نه هو. ايڏا تائين سلامت آهن ۽ اُنهن کي شايع به ڪرايو ويو آهي. نقاد اُنهن تحريرن جي شوخي توڙي نفاست جي تعريف ڪن ٿا. تنهن هوندي به ڊاڪٽر بينٽلي (فلسفي تي تحقيق - ص - 487) ۾. شايد جائز پر انوکي نموني سان پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته: " اوهان کي سندس تحريرن ۾ کوکلاٽپ يا مُردگي نظر اچي ٿي ۽ ائين ٿو محسوس ٿئي ته اوهان علم جي ان ڇاٽوءَ سان ڳالهائي رهيا آهيو جيڪو پنهنجي ٻانهن ڏڪيري ٻُڌڻ تي ويٺو آهي ۽ خوابن جي دنيا ۾ گم آهي." (بينٽلي - هڪ وڏي رتبي وارو محقق - 1742 - 1662).
27. سندس جنم سال 314ع ۾ ڇاڻايو ويو آهي. هو پنهنجي عمر ڇاهتر سال ٻڌائي ٿو. يعني 390ع ۽ ايڏا به حوالا اهڙا ٿو ڏئي جيڪي انکان به پوءِ جا آهن.
28. لبينيس پنهنجي زندگيءَ جي فضول ۽ لٻاڙ سان پريل پر ساڳي وقت سنجيده ڪهاڻي لکي آهي. (ii, 1-84 جنهن کي موريل ايڊٽ ڪيو آهي) جنهن ۾ يونئپيس (ص - 135 - 130) پنهنجي طرفان هڪ صاف تجربو ڪيو آهي جيڪو سندس حق ۾ نه آهي. جيڪي جديد آهن اُنهن ۾ ٽليمانٽ (شهنشاهن جي تاريخ - iv ، صفحا - 576 - 571) فئبريشيس (يونان جا تاريخوار واقعا - 414 - 376 (vii,) لارڊنر (شيطاني شاهديون - 163 - 127 vi,) هن فيلسوف جي ڪردار ۽ تحريرن کي وڌيڪ واضح ڪيو آهي.
29. ائنٽئڪ کان لٻار بي تائين جنهن کي چالسز جو علائقو چيو ويندو آهي، ٽڪرين متان توڙي ڏهٽن جي لنگهَه کان رستي جي تمام بري حالت آهي جتي ٽڙيل پڪڙيل پٽرن کي واريءَ سان پاڻ ۾ جوڙيو ويو آهي. جولين (تحريرون - xxvii) اهو عجيب ٿو لڳي ته روم وارن ائنٽئڪ ۽ فرات جي وچ واري شاهراهه چو نه اختيار ڪئي. ڏسو ويسلنگ کي (تفصيلن ۾ - ص - 190) ۽ برجيئر (گرانڊ چيمنس جي تاريخ - ii, 100) .

30. جولين هن واقعي جو حوالو ٿو ڏئي، (تحريرون - xxvii) جنهن کي وڌيڪ وضاحت سان ٽوڊوريٽ (iii, 22) بيان ڪيو آهي. پيءُ جي ڪٽرپڻي جي روئي جي ٽليمانٽ تعريف ڪئي آهي، (شهنشاهن جي تاريخ - iv,534) ۽ ابي ڏي لابليٽري پڻ ان کي ساراهيو آهي. (واء - ڏي جوڙين - ص - 413).

31. ڏسو هڪ اهم مضمون " ڏي شار" جنهن کي ليوسن جي تحريرن جي وچ ۾ آندو ويو آهي. (490 - 451 ,iii جنهن کي ريٽز ايڊٽ ڪيو آهي) هڪ خاص لقب يعني "پراٽر نائنس" (اميئينس xiv, 8) شايد ماڻهن کي شڪ ۾ مبتلا ڪري ٿو ته هائروپولس، اسيريا وارن جو شاهي تخت گاهه هو. (نائنس هڪ مشهور شخص ۽ هن شهر جو پايو وجهندڙ هيو، شهر ۽ ماڻهوءَ جو ساڳيو ئي نالو هو، نه ته سندس اصلي ۽ پورو نانءُ نينوا هو.)

32. جولين (تحريرون - xxviii) سڀني نيڪ شگونن يا سؤڻن جو پاڻ وٽ رکاربِ رکندو هو ۽ جيڪي به بدشگونيون يا اُنهن جا پاڇا به هوندا هيا ته اُنهن کي دٻائي ڇڏيندو هو جن کي وري اميئينس پاڻ وٽ احتياط سان محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. (xxiii, 2)

33. جولين (تحريرون - xxvii, ، صفحا - 402 - 399).

34. آءُ پنهنجي پهرين فرصت ۾ ايڊ - ڏي ائنول جا ٽورا مڃڻ چاهيان ٿو ته هن تازو فرات ۽ دجلہ نديون جي باري ۾ هڪ جاگرافي لکي آهي جيڪا چئن جلدن ۾ 1780ع ۾ پئرس ۾ ڇپي آهي، جنهن ۾ خاص طرح سان جولين جي جنگي معرڪي جو وضاحت سان ذڪر ٿيل آهي.

35. هڪ ٻئي کان تورڻ ميلن جي مفاصلي تي ٽي گذرگاهہ موجود آهن: (1) زُوگما، جنهن کي قديم زماني جي ماڻهن قائم ڪيو هو، (2)، ٻير، جيڪو جديد ماڻهن جي استعمال ۾ گهڻو رهيو ۽ (3) مينبز يا هائروپولس جي پل جيڪا شهر کان چئن گذرگاهن جيتري پنڌ تي هئي.

36. هارَن يا ڪارهي سبيينس حضرت ابراهيم (ع-س) جي قديم رهائشگاهہ هئي. ڏسو سلطانن جي جاگرافي جي فهرست (وٽ - صلاح الدين) جيڪا هڪ اهڙي ڪارائتي تحرير آهي جنهن منجهان مون شام ۽ انجي پسگردائيءَ وارن ملڪن جي قديم ۽ جديد جاگرافيءَ بابت مشرقي ڄاڻ حاصل ڪئي آهي.

* (فارس جي گاديءَ جو هنڌ)

37. ڏسو زينوفن (سراپڊ iii, 189 جنهن کي هچنسن ايڊٽ ڪيو هو) آرتاوسدس، هٿيارن سان پريل ۽ نظر ۽ ضبط وارا 16000 گهوڙا، فارس جي روايتن موجب مارڪ انٽني کي تحفي ۾ ڏنا هيا. (پلوٽارچ، ايڊ - انٽونيو 117 - ,v)

38. ڪورين جو موسيٰ - آرمينيا جي تاريخ , iii, II - ص، 242) سندس تخت تي ويهڻ جو سال 357ع ڄاڻايو ويو آهي جيڪو ڪانسٽنٽيس جي مسند سنڀالڻ جو سترهون سال ٿو وڃي بيهي.

+ (آرمينيا جو بادشاهہ، شهنشاهہ ڊائڪليشين جي حڪومت جي دؤر ۾ - ڏسو باب - 13)

39. اميئينس (xx II) انٽسيس (i, 856) چوي ٿو ته ڪانسٽنٽيس پنهنجي ٻيوهہ جو سڳ بربرن کي ڏنو هو - هي هڪ اهڙو اظهار آهي جيڪو روم وارن لاءِ ته موزون آهي پر عيسائيءَ لاءِ هرگز نٿو ٿي سگهي.

40. اميئينَس (xxiiI, 2) هن موقعي تي تمام نرم لفظ جو استعمال ڪو ڪري. (هن - جولين ڏاڪو ڏنو هو). مرڻوري، (نئبريشيَس - يونان جا تاريخوار واقعا vii, 86) - جولين جي هڪ تحرير، جيڪا صوبيدار آرسيسِس ڏانهن لکيل هئي، شايع ڪئي آهي، اُها بيهودي، گارگند واري، مصنوعي ۽ ڪوڙي آهي: (اها هي ڳالهه ته اها سوزومين کي فريب ۾ مبتلا ڪري ڇڏي vi, 5) .لاڀ بليٽري، (جووين جي تاريخ - ii, 339) انجو ترجمو به ڪري ڏو ته ساڳي وقت انکي رد به ڪري ڏو ڇڏي.

* (هن سوچيو ۽ سمجهيو)

41. اميئينَس (xxiii, 3) ٽيسڪَس جي تانگهي پاڻيءَ وٽ ندي ڪجهه مٿاهين آهي ۽ جيڪا چار استڊيَر يا 800 گز يا وري اٺين ڪٽي چٽجي ته انگريزيءَ جو اڌ ميل ويڪري آهي. (زينوفن - انابِاسِس - i, 41) جنهن کي هڇنسن ايڊٽ ڪيو ۽ جنهن ۾ فورسٽر پنهنجي راءِ جو اظهار پڻ ڪيو آهي (ص - 29 وغيره جيڪا اسپيلمئن جي ترجمي جي ٻي جلد ۾ شامل.آهي) جيڪڏهن ٻير ۽ زوگما وارن هنڌن تي نديءَ جي ويڪر 130 والن کان مٽي ناهي (بيسبور جو ساموندي سفر ii, 335) - ته پوءِ ويڪر بابت هيترو سارو فرق شايد چٽل جي ويڪر سبب نظر اچي رهيو آهي.

42. " چابوراس جيڪو هڪ مضبوط قلعو آهي ۽ تمام مهارت سان ناهيو ويو آهي جنهن جي ديوارن سان لڳو لڳ آبورا ۽ فرات نديون وهن ٿيون ۽ اُهو منظر هڪ ٻيٽ نما ٿو لڳي." اميئينس (xxiii, 5) .

* (ڇڏڻ يا قرباني ڪرڻ).

43. سموري مهر توڙي هٿيار، جولين پنهنجي سر پاڻ بيان ڪيا آهن. (تحريرون - xxvii) اميئينس مارسيلينَس (xxiii, 3, 4, 5) ليبينيَس (پدري تقريرون باب - 108, 109 صفحا 332, 333) زوسيمس، (iii, 162, 163) سوزومين (vi, I ۽ جان ملالا (ii, 17) .

44. فارس ۾ آمد کان اڳ ۾، اميئينَس فراخدليءَ مان ارڙهن وڏن پرڳڻن يا صوبن جو ذڪر ڪري ٿو (xxiii, 6 .صفحا - 419- 396) جن کي گرونوف ايڊٽ ڪيو. هنن صوبن ۾ سيرڪ ۽ چين جو سرحدون شامل آهن، جيڪي ساسانين جي اثر هيٺ هيون.

45. اميئينَس (xxiv, 1) زوسيمس (iii, 162, 163) فوجي پيش قدميءَ جي نظر ۽ ضبط کي سڀ نموني بيان ڪيو آهي.

46. هورمسدس جي ڪارنامن کي ڪجهه افسانوي زياده ٻڌايو ويو آهي (زوسيمس (ii, 100, 102) ٽليمانٽ (شهنشاهن جي تاريخ - iv, 198) اهو ذري گهٽ ناممڪن ٿو لڳي ته هو وڏي ۽ مڪمل ٻار جو ٻاڻ هوندو، ۽ نه وري اميئينس کيس اهڙو لقب ڏنو هو.

47. ڏسو انابِاسِس جو پهريون ڪتاب (صفحا- 45,46) هي خوش ڪندڙ ڪم اصلي ۽ مستند آهي. تڏهن به ان معرڪي کان ڪيترا سال پوءِ زينوفن جي يادگيري شايد ڪيس دوکو ڏنو ۽ جيڪي مفاصلا هن ٻڌايا آهن اُهي گهٽو ڪري اُنهن ماپن کان وڏا آهن جيڪي اسانکي هڪ سپاهي ۽ جاگرافيءَ جي ماهر ٻڌايا آهن. (زينوفن هڪ يوناني جنرل

۽ تاريخدان هيو. 350 - 431 - ق - م) جنهن اسپارٽا جي هڪ پاڙيتو گروپ سان، فارس - قبرص جي ماتحتيءَ ۾ ڪر ڪيو هو.

48. مسٽر اسپيلمئن، اناباسِس جو انگريزي مترجم (i, 51) هڪ روجھ ڪي ٻارنھن - سِگو ڦاڙھو ٿو سمجھي ۽ جھنگي گڏھ ڪي ظراف ٿو سمجھي.

49. ٽيورنيئر جي ساموندي سفر ڪي ڏسو (i, iii, 316) ۽ خاص طرح سان پيٽرو ڊيلا ويل (i,xvii, 671 - وغيره) هو انا جي پراڻي نالي ۽ ان جي حالتن کان ناواقف هو. اسان جا اکيون ٻوٽي هلڻ وارا سياح اُنھن ملڪن جي بہ پوري معلومات نٿا رکن جنڪي هو سيڙجي گھمڻ وڃن ٿا. شا ۽ ٽورنفورٽ، بھرحال انھي زمري ۾ نٿا اچن.

* (اچوڪي ڏينھن)

50. "ھڪ مشھور رھزن"، اميئينس چوي ٿو، اھو جملو ھڪ عرب لاءِ وڏي ساراھ وارو آھي. گسان جو ھڪ قبيلو، شام جي ڪنڊن پاسن کان اڇي آباد ٿيو ھو ۽ ڪنھن وقت ھنن دمشق ۾ حڪومت پڻ ڪئي ھئي جنھن ۾ سندن خاندان جا ايڪٽيھ بادشاھ يا امير ٻڌيا. ھي دوُر پامپي کان شروع ٿي خليفي عمر (حضرت عمر رضہ) تائين وڃي ٿو. (ڊي - ھربيلوٽ - مشرقي واقعا - ص - 360) پوڪوڪ (عربستان جي تاريخ - صفحا - 80 - 75) روڊوسيَس جو نالو ان لسٽ ۾ شامل ناھي.

51. اميئينس کي ڏسو (xxiv, 1, 2) لبينيَس (پدري تقريرون باب - 110، 111 صفحو 334)

52. ھيرودوٽس، اسيريا جو وضاحت سان ذڪر ڪري ٿو. (i, 192 وغيره) جيڪو ڪڏھن ٻارن لاءِ تہ ڪڏھن وري فيلسوفن لاءِ ويٺو لکي. اسٽرابو (1082 - 1072 ,xvi) اميئينَس (xxiii, 6) جديد سياحن منجھان ڪارائتا ھي آھن: ٽيورنيئر (i, ii, 226 - 258) اوٽر، (ii, 35 - 69, 189 - 224) ۽ نيبور (ii, 172 - 288) ان جي باوجود مونکي ھن ڳالھہ تي افسوس ٿو ٿئي تہ ابوالفداجي عُراق عربي، جو اڃا تائين ترجمو نہ ڪيو ويو آھي.

53. اميئينَس پنھنجي راءِ جو اظھار ڪندي چوي ٿو تہ اوائلي اسيريا جنھن ۾ نائنس (نينوا) ۽ اربيلا بہ اچي ٿي ويا، اُنھن ٻنھي کي ملائي ھڪ نئين اڊيابين جي نالي سان سڏيو ويو ۽ ھو ٽن شھرن: ٽيريدون، وولوجيسيا ۽ اپولونيا کي ملائي اُنھن کي اسيريا جا اصلي صوبا ٿو ڪوئي.

54. ٻہ ندين (ايراني نار کان ھڪ سؤ ميلن جي مفاصلي تي) اپاميا يا ڪورنا جي جڳھہ تي پٽسيٽيگرس يا شط‌العرب وٽ ملي ھڪ وڏي ندي جي صورت وٺن ٿيون. اڳ فرات ندي ھڪ جدا چئنل ذريعي سمندِ ۾ ڇوڙ ڪندي ھئي، پر بعد ۾ ان جي وھڪري ۾ رڪاوٽون وڌيون ويون ۽ آرچو جي شھرين وڏي جدوجھد ڪانپوءِ وھڪري جي رخ ڪي بصرا کان ويھہ ميل ڏکڻ - اوپر طرف ڦيرائي ڇڏيو. (نقش و نگار جي اڪيڊمي جون يادگيريون - ايم - ڊي انٽرول - 170 - (xxx, - 191).

* (ندين جي وڃ واري زمين).

55. ھڪ وڏي ڇاڻو شخص ڪيمپفر - ٻوٽن جي علم جي ماھر، پراڻيون شيون گڏ ڪندڙ ۽ ھڪ سياح، لکي ٿو تہ ناريل جي وڻن بابت ھن پنھنجي پوري موضوع کي ختم ڪري ڇڏيو آھي. (امينٽئٽ، ايڪزوٽي 764-630 ,iv) .

* (واڻسراءِ، يا صوبي جا اصول)

56. اسيريا وارا فارس جي صوبيدار کي روزانو چانديءَ جو ٽکرو ڏيندا هيا. تور ۽ ماپ جو حصو (بشپ هوپر جي واضح پيڇا ڳاڇا کي ڏسو) پاڻي ۽ چانديءَ جي وزن جي نسبتي گهاٽائي ۽ ان ڌات جي قيمت ڪنهن سرشتي ۾ آڌر ڪان بعد ئي سالياني آمدني جو ڪاڦو ڪري سگهبو جيئن آءٔ هتي ٻڌايو آهي. ان جي باوجود به عظيم بادشاهه کي اسيريا کان 1000 يوبوئڪ يا ٽيرين سِڪن کان وڌيڪ رقم نه ملي يعني (پائونڊ -/2.52.000) هيروڊوٽس جي تحرير جا به ٽڪرا (i, 192, iii, 89-96) فارس جي ناڻي جي مجموعي ۽ صافي بچت واري رقم بابت وڏو تفاوت ڏيکارن ٿا: يعني صوبن طرفان ڏنل رقم ۽ سون يا چاندي شاهي خزاني ۾ جمع ڪرائڻ ڪانپوءِ به فرق وڏو ٿو وڃي بيهي. بادشاهه جي سالياني بچت ٽي مليَن ۽ ٽي لک پائونڊ، ماڻهن جي مجموعي سترهن کان ارڙهن ميلن پائونڊن منجهان ٽي هوندي.

+ (وڏيون فوجي انجٽيون جن کي پٽر اچلائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو)

+ + (حملي جي انجڻ)

* مٿاهين دجلہ تي ٽهيل روم جو شهر جنهن تي ساپور ڪيرو ڪري قبضو ڪيو)

+ زرتشتن جو نيڪيءَ جو خدا جنهن کي گبن اٽين باب ۾ هينئن بيان ڪيو آهي: " سدائين روشنيءَ ۾ ٻڌل".

57. اميئينَس اسيريا جي جنگ جي ڪارروائي حالتن مطابق بيان ڪئي آهي (xxiv, 2, 3, 4, 5) لبينيَس (پدري تقريرون - بابَ - 123 - 112، صفحا 347 - 335) زوسيمس 180 - 168 (iii, ۽ گريگري نازيانزين (تقريرون - (iv, 1113, (144 هن بزرگ جون فوج تي تنقيدون، ٽيلمانٽ عقيدت منجهان ڪاپي ڪيون آهن جيڪو سندس وفادار غلام پڻ هيو.

58. لبينيَس (13، 162).

59. سائرس، سڪندر (اليگزينڊر) ۽ اسڪيپيو جا مشهور مثال، درحقيقت انصاف جا ڪارنامه هيا. جولين جي پاڪيزگي، هن پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان اختيار ڪئي هئي ۽ سندس خيال ۾ اُها لياقتن تي مدار رکندڙ هئي.

60. سئلسٽ (هاراٽيون طنزون - i, 104) پنهنجو مشاهدو بيان ڪندي چوي ٿو ٽ: "هي ڪا به شئيءَ اهڙي بگڙيل نه هئي جهڙي سندن اخلاقيات." وڏي عمر جون عورتون توڙي بابل جون ڪنواريون مردن سان سندن شهواني دعوتن ۾ آزاديءَ سان ملنديون جلنديون هيون ۽ جيئن ئي شراب ۽ پيار جي نشي ۾ مست ٿي ويندیون هيون ته پوءِ آهستي آهستي پنهنجن سينيِ ڪپڙن جي قيد کان آزاد ٿي ويندیون هيون.

61. اميئينَس (xxiv, 4) .فارس وارن جي مقامي آبادي جا ماڻهو ننڍي قد جا بيڙا آهن پر پوءِ سندن نسل ۾ بهتري انڪري آئي جو لڳاتار اُنهن ۾ سرڪاسين خون ملندو ۽ نسلن ۾ منتقل ٿيندو ويو. (هيروڊوٽس (iii, 97) بنن (فطري تاريخ - iii, 420)

62. اميئينَس (xxiv, 4) - يا جولين يا وري سندس تاريخدان پراٽين شين گڏ ڪرڻ ۾ ڪجهه اناڙي هيا. هو وڏي سائيز وارا تاج ڏئي ها ته جيئن اُنهن کي ديوارن سان پيوست ڪري ڇڏجي ها. ڪئي به گهيرو ڪرڻ هڪ جنرل جو انعام هيو جنهن هڪ گهيري ۾ آندل شهر کي قبضي مان ڇڏرايو هو. (آئولس گيليَس، ناڪٽ، ائٽڪ (v, 6)

63. آءُ هي تقرير اصلي ۽ نج روپ ۾ ڏيان ٿو. اميئينس شايد ٻڌي وئي ۽ ان کي نقل ڪري، پو ته هو ايجاد ڪرڻ جو اهل ڪونہ هو. مون پنهنجون نديون نديون آزاديون استعمال ڪيون آهن ۽ پنهنجي تقرير هڪ زوردار جملي سان ختم ڪرڻ ٿو چاهيان.

* (لبينيس جنهن سندس تعريف جا گيت ڳايا هيا.)

64. اميئينس (xxiv, 3) لبينيس (پدري تقريرون - (122، 346).

65. ايمر - ڊي ائنول (نقش و نگار جي اڪئڊمي جون يادگيريون -(xxviii, 246-259 بابل، سلوشيا، ٽيسيفان ۽ بغداد وغيره بابت صحيح صورتحال بيان ڪئي آهي ۽ انهن شهرن جي مفاصلن بابت پڻ ڄاڻ ڏني آهي. روم جو سياح پيٽروڊيلاويل (i, xvii, 650-780) هن مشهور صوبي جو تمام ڏهين ۽ ڳوڙهو تماشبين هيو. هو هڪ مانائتو انسان ۽ محقق هيو پر ساڳئي وقت ڪنهن به موضوع کي برداشت کان وڌيڪ اينگهائيندو هو جيڪو فضول ۽ اجايو لڳندو هو.

66. شاهي واهہ (نهر - ملڇا) ممڪن آهن ته وقت سان گڏ ان ۾ تبديليون آيون هجن. واپس ٽيو هجي يا ڪنهن هنڌ تي ورهايو ويو هجي وغيره (سيلريَسس - قدير جاگرافي ۾ - ii, 453) هي تبديليون ممڪن ته قدامت جي تضادن کي دور ڪري ڇڏن. جولين جي وقت ۾ اهو واهہ يقينن فرات ۾ شايد ٽيسيفان کان هيٺ دجلہ ۾ ڇوڙ ڪندو هوندو.

67. " سونهن فقط سچ جي هوندي آهي." هڪ اهڙو قول جيڪو هر تقرير جي ماهر جي ٻينڇ تي لکيل هڻڻ گهرجي

68. لبينيَس، طاقتور جنرلن جو حوالو ٿو ڏئي، مون جرئت ڪري سئلسٽ جو نالو ڏنو آهي. اميئينس ٿو چوي ته سپني ليڊرن منجهان " خوف کان ڏهندڙ جنرل پاڻ ۾ گڏجي متحد تي ويا هيا ته جيئن ان منصوبي کي ختم ڪيو وڃي."

69. اميئينَس چوي ٿو: " شهنشاهہ خود، پنهنجي مددگار فوج سان گڏ پنهنجي فوج جي سامهون وارن دستن توڙي پويان وارن جٿن جي وچ ۾ تيزيءَ سان ايندو ويندو رهيو." ان جي باوجود سندس دوست زوسيمس ڪيس جنگ ڪانپوءِ ٻن ڏينهن تائين ندين ڪي ٽپڻ جي اجازت نٿو ڏئي.

70. الِئڊ جي چوٿين ڪتاب ۾ ڏاهي نيسٽر جي طبيعت بابت ساڳيو ئي روَيو رکيل آهي ۽ هومر جولين جي ذهن مان ڪڍهن به غائب نہ ٿيو هو.

71. "فارس وارا اوچتو خوف ۾ وکوڙجي ويا ۽ دشمن کي بلڪل هٽائي ۽ مڪمل مات ڏئي ڇڏيائون. فاتح روم وارا پوري اعتماد سان ٽيسيفان جي ڪليل گيٽن مان اندر داخل ٿي وڃن ها پر شرط اهو هو ته اُهي پنهنجي فتح کي مستحڪم ڪرڻ جي بجاءِ مال - غنيمت ميڙڻ ۾ نہ لڳي وڃن ها" سيڪسٽَس روفس (صوبائي حڪومتون باب - 28) سندس لالچ شايد کين آماده ڪري ته هو وڪٽر جي مشوري کي ٻڌي وڃن.

72. واهہ کوٽڻ جي محنت، دجلہ جو گذرگاهہ ۽ فتح بابت اميئينس گهٽو لکيو آهي (xxiv, 5,6) .لبينيَس (پدري تقريرون - باب - 128 - 124، صفحا - 353 - 347) گريگري نازيانزين (تقريرون - iv, 115) زوسيمس iii, 181) (183 سيڪسٽَس روفس (صوبائي حڪومتون - باب - 28).

* (ڊائڪليشين هي نالا، اليريڪر جي ٻن فوجين کي ڏنا هيا). 73 ساموندي آرماڙ توڙي زميني فوج کي ٽن ڊويزن ۾ ورهايو ويو هو. جن مان فقط پهرين ڊويزن رات جو گذري وئي هئي. اميئينَس (xxiv, 6) جيڪو محافظن جو دستو هو جنکي

زوسيمس ٽئين ڏينهن تي پهچايو (iii, 183) ۽ اُنهن ۾ بچاءَ جا ماهر به هيا، جن ۾ تاريخدان اميئينَس ۽ ايندڙ وقت جو شهنشاهه جوويَن به هيا. حقيقت ۾ اُنهن مقامي اسڪولن جي خدمت ٿي ڪئي ۽ شايد جووينس ۽ هرڪيولينَس اڪثر ڪري محافظن جون ذميواريون سنڀالينداهيا.

74. ڪورين جو موسيٰ (آرمينيا جي تاريخ - (iii, 15, 246) اسانکي قومي روايتن جو تحفو ۽ هڪ مصنوعي خط ڏئي ٿو. مون ان منجهان فقط خاص خاص ڳالهيون ورتيون آهن جن جو تعلق سچ، امڪان ۽ لبينيَس سان آهي. (پدري تقريرون - 131, 135)

75. "شهر کي گهيرو نه ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته اها ڪوشش هاڃيڪار ۽ بيوقتي ٿيندي." اميئينس - (xxiv, 7) سندس ساٿي سپاهي يورپيَس مشڪل کان پاڻ پاسيرو ٿي وڃيٽو. " اسيريا کي برباد ڪرڻ ڪانپوءِ، هن پنهنجو آرام گاهه ڪجهه وقت لاءِ ٽيسيفان ۾ قائم ڪيو جڏهن هو فتح ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي گهر واپس وڃي رهيو هو (x, 16) .زوسيمس يا ته وڌيڪ هوشيار يا بلڪل بيخبر آهي ۽ سقراط وري ان سلسلي ۾ درست نه آهي.

76. لبينيَس (پدري تقريرون (130، 354، 139، 361) سقراط (iii, 21) ڪليسائي تاريخدان امن جي انڪار جي تُهمت مئڪسيمس جي مشوري تي ٿو هڻي (فيلسوف جيڪو جولين جي گهر ۾ هوندو هو ۽ اِليوسينين جي راز ڪي ڄاڻڻ جي ڪيس دعوت ڏني هيائين - ڏسو باب - 23) اهڙو مشورو هڪ فيلسوف جي مرتبي سان مطابقت رکندڙ نه هيو. پر فيلسوف ساڳي وقت هڪ جادوگر به هيو جنهن پنهنجي مالڪ جي جذبن ۽ اُميدن جي پاسداري ڪئي هئي.

77. نئين ڏوبيرس جي فنڪاري (ڇهري جي نقش نگارن جو ليکڪ) گريگري نازيانزين (تقريرون - iv, 115, 116) ڪي ٻن اختصار ڪندڙن جي شاهديءَ منجهان شايد ڪجهه تقويت ڪيس ملي هجي. (سيڪنَس روفس ۽ وڪٽر) ۽ لبينيَس جا وقت سر مشورا (پدري تقريرون (134، 357) ۽ اميئينس (xxiv, 7) صحيح ۽ حقيقت تي مبني وهڪري ڪي اميئينس جي متن جي بيوقتي مداخلت انڪي متاثر ڪيو آهي.

78. ڏسو اميئينس ڪي (xxiv, 7) لبينيس (پدري تقريرون - باب - 132,133) زوسيمس (iii, 183) زونارس (ii, xiii, 26) گريگري (تقريرون - iv, 116) آگسٽائن (سويٽيٽ دي - iv, 29, v, 21) اُنهن سڀني منجهان فقط لبينيس ئي هڪ اهڙو آهي جيڪو پنهنجي سپوت جو دفاع ڪري ٿو. جيڪو اميئينس مطابق، پنهنجي مذمت پاڻ فقط هنڪري ٿو ڪري ته باهه جي شعلن کي وِسائڻ ۾ هن ڏوتيءَ جي بچاءِ ڪاهليءَ واري ۽ اڻ اثرائتي ڪوشش ڇو ورتي هئي.

79. هيروڊوٽس ڪي ڏسو (i, 194) اسٽرابو (xvi, 1074) ۽ ٽيورنيئر (i, ii, 152)

80. پنهنجي رفتار جي تيزيءَ مان ئي مٽس نالو دجلہ پيو آهي، هي ميڊس زبان جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي تير. پلني (فطري تاريخ - vi, 31)

81. هن دٻمن منجهان هڪ مصنوعي آبشار ٺهي ٿو پوي جنهن کي ٽيورنيئر بيان ڪيو آهي (i, ii, 226) ۽ ٽيوونات (ii, i, 193) فارس وارن يا اسيريا جي ماڻهن وڏيون ڪوششون ۽ محنت ڪئي ته جيئن نديءَ مان جهاز رانيءَ کي روڪين. (اسٽرابو - xv, 1075) (ڊي - ائنول - فرات ۽ دجلہ - صفحا 98, 99)

82. ياد ڪيو تہ اگاٿوڪلس (سراڪوز جي بادشاھ - 289 - 361 - ق - م) جي تڪڙ ۽ اُبھرائيءَ جي ڪاميابيءَ تي ڪيس داد ۽ آفرين جو تحفو ملیو ھو ۽ ڪورٽيز (ميڪسيڪو جو فاتح 1547-1485ع) جنھن پنھنجا جھاز آفريڪا ۽ ميڪسيڪو جي ڪنارن تي ساڙائي ڇڏيا ھيا، ڪي پڻ ساراھيو ويو ھيو.

83. ڏسو عيسائي سُرلاٽڪٽڪ جي مصنف جو جائز تجزيو (353 - 287 ,ii) ۽ ايڊورڊ گبن جا عالماڻا خيال (فوجي يادگيريون ۾ 382-351 ,i) جيڪي روم جي فوجن جي گذاري ۽ اُنھن جي سامان بابت ھن ظاھر ڪيا ھيا.

84. آرمينيا جي جبلن مان دجلہ ڏکڻ ڪان ڪَر ڪٽي اُڀي ٿي ۽ فرات وري اتر کان، نڪري ٿي: پھرينءَ ۾ ھوڏ مارچ ۾ ۽ پوئينءَ ۾ جولاءِ ۾ اچي ٿي. ھنن ڳالھين بابت تفصيلي وضاحتون فوسٽر جي جاگرافيءَ جي تحقيقي مقالي ۾ ڇاڻايل آھن جيڪو اسپيلمئن جي سائرس جي جنگي معرڪي ۾ درج ٿيل آھي (ii, 26)

85. اميئينس (xxiv, 8) پنھنجين تڪليفن کي بيان ڪو ڪري جيڪي ھوڏ، گرمي ۽ جيتن جٽين جي ڪري ھن پوڳيون ھيون. اسيريا جون زمينون جن تي ترڪن ظلم ڪيا ۽ ڪُردن يا عربن انھن کي تاراج ڪيو ھو، اُنھن ۾ ٻيڙ، ڏھ، پندرھن ۽ ويھ حصا گھربل مقدار کان وڌيڪ پوندو ھو. تنھنڪري ويچارا بدقسمت ھاري ڇڄ جو اوتروئي وڌيل مقدار زمينن ۾ ڇڏي ايندا ھيا. (نيبور جا ساموندي سفر - 285 ,279 ,ii)

86. چرنڪس جو آئسيڊور (فارس جو محل - صفحا 5، 6 ھدسن ۾) مختصر جاگرافي (ٽام - ii) سلوشيا کان 129 شوني ٻڌائي ٿو ۽ ٽيوونات (245-209 ,ii ,i) بغداد کان ايڪبٽانايا ھمدم تائين 128 ڪلاڪن جو پنڌ ٿو ٻڌائي. ھي ماپا عام پُراسانگ يا روم جي ميلن کان مٽي نٿا ٿي سگھن.

* (ڪئسپين سمنڊ جي ارد گرد واري زمين)

+ (اُھا ندي جيڪا روم ۽ فارس جي شھنشاھتن جي وچ ۾ حد مقرر ڪري ٿي).

87. ٽيسيفان کان جولين جي فوجي پيش قدميءَ کي اميئينس طرفان ڪليل لفظن بجاءِ حالتن پٽاندر بيان ڪيو ويو آھي (xxiv, 7, 8). لبينيَس (پدري تقريرون - 183 ,134) ۽ زوسيمس (iii, 183) ائين ٿو لڳي تہ پويان ٻڌي صاحب ان ڳالھہ کان بلڪل بيخبر ھيا تہ سندن فاتح ان وقت پوئتي ھٽي رھيو ھو، ۽ لبينيَس تہ ان کي دجلہ جي ڪنارن تائين محدود ڪري ڇڏيو آھي.

+ + (گھوڙيسوار ٻچاءُ جو شيلڊون ٻڌندي)

88. چاردن، جيڪو جديد سياحن ۾ انصاف پسند شخص آھي، فارس جي گھوڙيسوارن جي تعليم ۽ ڏڻتيءَ کي بيان ٿو ڪري. (iii, 57, 58 - چئن جلدن ۾ ايڊٽ ٿيل) برسونيَس (ڊي ريگنو پرسيڪو صفحا 661، 660 وغيرہ) قدامت جي باري ۾ ھن شاھديون گڏ ڪيون آھن.

89. مارڪ انٽني جي پنٽي ھٽڻ وقت، بالاخاني جي ماپ يا وزن پنجاھہ ڊراچمي يا ٻين لفظن ۾ اٽي جو ھڪ پائونڊ ٻارنھن کان چوڏھن شلنگن ۾ ملندوھو. جوَن جي ماني، چانديءَ جي اوتري تور ۾ ملندي ھئي: انھن حالتن ۾ پلوٽارچ جي داستان جو مطالعو ڪرڻ ٽيستائين ناممڪن ڪر آھي (v, 102, 16) جيستائين اھو بہ سمجھجي تہ مارڪ انٽني ۽ جولين جو بہ ساڳين دشمن پيڇو ڪيو ھو جنجو غر بہ ساڳيو ھو.

* (بار کٽڻ وارا گهوڙا).

90. اميئينس (xxiv, 8, xxv, I) زوسيمس (iii, 184, 185, 186) لبينيس (پدري تقريرون، باب - 134، 135 صفحا) 357، 358، 359 ائنٽئڪ جو فيلسوف ان ڳالهه کان بيخبر هو ته سندس فوجي بکايل هيا.

91. اميئينس (xxv, 2) جولين هڪ پڪو عزم ڪيو هو بلڪ قسم کنيو هو ته: "هو مارس ديوتا اڳيان قرباني هرگز نه ڪندو." (xxiv, 2) اهڙي قسم جون ڀاڙيون حرڪتون ۽ جهڳڙا ديوتائن ۽ اُنهن جي بي ادب پوئلڳن جي وچ ۾ اڪثر ڪري هلندا رهندا هئا، ان حد تائين جو آگسٽس جهڙي درواديش شهنشاهه ب. سندس سامونڊي جهازن جي ٻه دفعا ٽٽڻ ۽ تباهه ٿيڻ کانپوءِ، سمنڊ جي ديوتا نيپچون کي عوامي ميڙن جي اعزازن کان ڪڍي ڇڏيو هو: (ڏسو هيوم جا فلسفياڻا مشاهدا ۽ مضمون - ii, 418)

92. اُهي فائدي وارن ڪمن جي بجاءِ اجاين ۽ فضول ڳالهين کي پاڻ وٽ محفوظ رکڻ جا ماهر هيا. سائنس جيڪا ايٽروريا ۾ ايجاد ٿي هئي، ان مطابق هو ڪجهه فطري نشانين يا آثارن کي وهمن جي ڀاڻ سان تعبير ڪندا هيا ۽ هيءَ علم اُنهن هڪ ٽسڪن بزرگ تارڪُئٽيَس منجهان ڀرايو هو.

93. نوٽ: هي سڄو جملو رومي، لاطيني يا يوناني هوليءَ ۾ لکيل آهي جنهن جو ترجمو ڪرڻ ممڪن ڪونهي. (سنڊيڪار) اميئنيس - (xxv, 3)

94. ساپور خود روم وارن تي ظاهر ڪيو هو ته اهو سندس دستور هوندو هو ته فوت ٿيل صوبيدارن يا مُنهندارن جي روحن کي سڪون پهچائڻ لاءِ هو کين تحفا موڪليندو رهندو هو، جن ۾ اُهي محافظ ۽ آفيسر به شامل هوندا هيا جن پنهنجي مالڪ سان وفاداري ڪندي پنهنجون حياتيون گنوايون هيون. لبينيَس (ڊي نيسس جولين - xiii, 163)

95. جولين جو ڪردار ۽ ان وقت جون حالتون شايد اهڙن شڪن شبهن کي جنم ڏين ٿيون ته هن اڳ هڪ تقرير ڪئي هئي جنهن کي اميئينس ٻُڌو ۽ ان کي پنن تي اُتاريو هيو. هن سلسلي ۾ ابي ڊي لابليٽري جو خيال شاندار ۽ ساراهڻ جهڙو آهي. مون سندن خيالن جي پوئواري ڪندي، افلاطون جي " ظهور ٿيڻ يا ٻيهر وجود ۾ اچڻ"، يعني: " اعتقاد ته: روحَ ۾ ربي شڪتي يا عنصر مليل آهي جيڪو موت اچڻ تي ختم يا تباهه نٿو ٿئي." تي لکيو آهي جيڪو ڪجهه اٽڪائيءَ سان سندس اصل تحرير ۾ پڻ موجود آهي.

96. هيروڊوٽس (i, 31) اهو اصول هڪ اهڙي ڪهاڻي يا بيان ۾ سمايو آهي جيڪو سيني کي قبول آهي، تنهن هوندي به جوپيٽر (زَيسِس) الِئڊ جي ڇهين ڪتاب ۾، سارپيڊن جي موت تي رت جا ڳوڙها ٽو ڳاڙي ۽ انتهائي افسوس جو اظهار ٽو ڪري ته سندس پٽ کي قبر ۾ آرامي ٿيڻ کانپوءِ جي خوشين ۽ شانائتي سڪون ۽ اطمينان جو احساس ڪو نه هو.

97. اُنهن سپاهين جن اصل خدمتن جي پيٽ ۾ زباني حڪر ٿي ڏنا، اُنهن تي روم جو قانون لاڳو نٿي ٿيو يا ٻين لفظن ۾ اُهي قانوني ڪارروائيءَ کان آجا هيا. ڏسو هينيڪيَس کي (روم جا قديمي دستاويز - i, 504) ۽ مانيٽسڪيو (ساراهڻ جهڙا جذبا - ڪتاب - xxvii)

98. انسان جو ڪائنات جي روحاني جزن سان ميلاپ يا هڪ جهڙائي جو فلسفو قديمي آهي جنهن تي پٿاغورس ۽ افلاطون لکيو به آهي ته وضاحتون پڻ ڪيون آهن پر ان ۾ ذاتي يا ڇاڻي واڻي واري غير اخلاقيات شامل ناهي. ڏسو واربرٽن جا عالماڻا ۽ مدلل ويچار. (ڏسو قدرتي سفارتڪاري (ii, 199-216) .

99. جولين جي موت جي روداد کي اميئينَس کولي بيان ڪيو آهي جيڪو ان واقعي جو ذهين تماشبين هيو. لبينيس، جيڪو ڊپ وچان موقعي تان ئي هٽي ويو هو، ڪجهه حقيقتون ان به بيان ڪيون آهن. (پدري تقريرون - باب - 136-140، صفحا - 362 - 359) گريگري جي بهتانن ۽ هاڻوڪن بزرگن جي مثالن کي خاموشيءَ سان نڪرائي سگهجي ٿو.

100. هڪ انصاف پسند ۽ حليم طبيعت تاريخدان اميئينَس اليڪشن جي منظرنامي کي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو جنهن ۾ هو پاڻ موجود هو.

101. پرائمَس جو مان مرتبو ساڳيو ئي سينيٽر وارو هو، توڙي جو هو فقط جج هيو پر سندن درجو بادشاهن جيان هو. ٿوڊوسيَن ڪوڊ (vi, xxiv) هي سهولتون جووين جي زماني تائين ته ڪو نه هيون، شايد هاڻوڪي دؤر جون آهن.

102. ڪليسائي تاريخدان سقراط (iii, 22) سوزومين (vi, 3) ۽ ٿوڊريٽ (iv, I) جوويَن کي ايترو داد ضرور ڏين ٿا ته هن پوئين حڪومت ۾ پنهنجين غلطين کي مڃيو هيو ۽ پوري يقين سان چون ٿا ته هن تيستائين تخت وٽ ڪان انڪار ڪيو هو جيستائين سڄي فوج هڪ آواز سان اقرار ڪيو هو ته هو سڀئي عيسائي هيا. اميئينَس خاموشيءَ مان پنهنجي ڳالهه کي جاري رکندي، سڄي ڏند ڪٿا کي هڪڙي ئي جملي ۾ اڇلي ٿو ڇڏي. " قرباني‌ءَ جي جانورن جي آندن گوندن منجهان معلوم ٿيو ته اهي جوويَن جي حق ۾ هيا، انڪري اعلان به اهڙو ئي ڪيو ويو." (xxv, 6)

103. اميئينَس (xxv, 10) زندگيءَ منجهان جوويَن جو هڪ غيرجانبدار نقش ناهيو آهي، جنهن ۾ ورهي نوجوان وڏن ڪجهه يادگار ۽ چرڪائيندڙ ٽڪرا جوڙيا آهن. ابي ڊي، لابليٽري (جوويَن جي تاريخ - 238 - 1 ,i) سندس حڪومت جي مختصر تاريخ کي وضاحت سان لکيو آهي - هڪ اهڙي تحرير جنهن جو اسلوب تمام شانائتو آهي ۽ ان ۾ جائز تنقيد به ڪيل آهي ته ساڳي وقت مذهبي تعصبن جي ان ۾ جهلڪ موجود آهي.

104. پروڪوپيس کان ائين ٿو معلوم ٿئي ته سائرس جي حڪومت هيٺ جيڪي لاڳاپي هيا اُنهن سڀني کي پنهنجي اصلي حالت ۾ واپس ڪيو ويو هو. هن سلسلي ۾ شايد اسان ساساني ماڻهن جي غير موزون لفظ جو استعمال ڪريون ٿا. برسَن (ڊي روگنو پرسيڪو - ص - 268 وغيره).

105. بهراڙيءَ جي اٽڪاتل ڳوٺن کي ته هميشه واسطي وجايو ويو هو ۽ نه ورهي اسان ان جڳهه جو نالو وٺي سگهون ٿا جتي جولين کي ماريو ويو هو، پر ايمر - ڊي ائنول، سمير، ڪارچي ۽ درا جيڪي دجلي جي ڪنارن سان ڳوٺ هيا، اُنهن جي صورتحال کي کولي بيان ڪيو آهي. (قديم جاگرافي - ii, 248) دجلي ندي - صفحا - 97 ,95) نائين صدي عيسوي ۾، سمير يا سمارا، نالن جي ٽوري گهٽي ڦير گهير سان عباسي سلطنت جي خليفن جي شاهي رهائش گاهه بنجي وئي هئي.

106. ڏرا قلعن سان محفوظ شهر هو جيڪو ائنٽيوڪس (ٻه صديون - ق - م ۾ شام جو بادشاهه) جي ميڊيا ۽ فارس جي فسادين خلاف جنگين ۾ نمايان هو. (پاليبيس v باب - 48، 52 ، صفحا - 548,552 جنهن کي 8 ورقي اسلوب ۾ ڪسوبان ايڊٽ ڪيو.

107. ساڳيو مشورو ڏهن هزارن جي ليڊرن کي ڏنو ويو هيو (زينوفن جي فوج جنهن 401 ق - م ۾ ايشيا مائنر کي اُڪاريو هو پر جنهنکي عقلمنديءَ مان رد ڪيو ويو هو. زينوفن، اناباسس (iii صفحا - 255, 256, 257) اسان جي جديد سياحن منجهان اسانکي معلوم ٿو ٿئي ته سڙهه جيڪي تريا ٿي، اُنهن دجلہ ۾ واپار ۽ جهاز راني ۽ جو ڪر ٿي ڪيو.

108. جووين جي حڪومت جي پهرين فوجي ڪمن جو ذڪر امئينس ڪيو آهي (xxv, 6) لبينيس (پدري تقريرون - 146، 364 ۽ زوسيمس - صفحا 191 ,190, 189) جا اسان لبينيس جي ايمانداريءَ تي ويساهه نه ٻه ڪريون، تڏهن ٻه يوٽروپيس جي ڪليل شاهدي ته: " هر هڪ کي فارس وارن طرفان هڪ انوکي لڙائيءَ ۾ شڪست ڏني وئي." (x, 17) ته اها ڳالهه اسان کي ٻه شڪ ڪرڻ تي آماده ڪري ٿي ته امئينس روم جي فوج جي اعزاز ۽ رتبي کان ڪافي حسد ڪندو هو.

109. سيڪسٽس روفس (صوبائي حڪومت - باب - 29) قومي ڪوڪلاٽ تي ڳالهائڻ کان نٽائڻ جي ڪمزور ڪوشش ڪئي آهي. " روم جي نالي جي لاءِ اُنهن کي اها عزت هئي ته اُهي فارس وارا ئي هيا جن امن جي سوال اتارڻ جي شروعات ڪئي."

110. اها هڪ گستاخي ٿيندي ته اميئينس جي خيالن جي مخالفت ڪجي جيڪو هڪ سپاهي هئڻ سان گڏ وڏن واقعن جو شاهد ۽ ڏسندڙ هيو. ان هوندي ٻه اهو سمجهڻ مشڪل ٿي پيو آهي ته ڪاڙيون جا جبل اسيريا کان ٻه اڳتي ڪيئن هليا ويا ۽ ايترو هيٺ ويا جيترو دجلہ ۽ وڏي ڇوڙ زاب جو ميلاپ، ۽ ٻيو ته اهو ٻه ڪيئن ممڪن هو ته سٺ هزار سپاهين تي مشتمل فوج، ڇڻ ڏينهن ۾ سؤ ميل جو سفر پورو ڪري سگهي هوندي.

+ (ڦاسائي ٿو).

111. ڏرا جو امن اميئينس جي ناراضگيءَ يا افسوس سان عمل ۾ آيو (xxx, 7) لبينيس (پدري تقريرون - 142, 364) زوسيمس (iii, 190, 191) گريگري نازيانزين (تقريرون - iv, 117, 118) جيڪو تڪليفن پهچڻ جو الزام جولين تي ٿو مڙهي ۽ ڏکن مان آجي ٿيڻ جو داد جووين کي ڏئي ٿو) ۽ يوٽروپيس . (x, 17) آخر ۾ ذڪر ڪيل ليڪ جيڪو فوجي اسٽيشن تي موجود هو، هن امن کي "بيحد ضروري پر شرمناڪ" ٿو سمجهي.

* ايشيا مائنر ۾، شام، سسليا ۽ بٽنيا جون ندين.

112. لبينيس (پدري تقريرون - 143, 364, 365)

113. "نهايت ڳرا ۽ اُڳرا شرط جيڪي روم جي شهنشاهت تي مڙهيا ويا هيا، بيحيا جووين اُنهن موجب حڪومت ڪرڻ چاهي هئي جو ته هو شان مان حاصل ڪرڻ جي بجاءِ اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ آتو هو." سيڪسٽس روفس (صوبائي حڪومت ۾ - باب - 29) لابليٽري هڪ ڏڳهي ۽ سڏي سنئين تقرير ۾ ذاتي ۽ قومي مفادن جي باري ۾ پنهنجا ويچار وندايا آهن. (جووين جي تاريخ - (i, 39 وغيره).

114. جنرلن کي زباتس نديءَ جي ڪنارن تي ماريو ويو هيو. (اناباسِس (ii, 156, iii, 226) جنهن کي زاب ۾ چيو ويندو آهي. هيءَ ندي اسيريا ۾ آهي جيڪا 400 فوٽ ويڪري آهي ۽ موسل کان چوڏهن ڪلاڪن جيتري مفاصلي تي دجلہ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. يونانين جي غلطي يا غلط فهميءَ جي ڪري وڏي ۽ ننڍي زاب کي بگهڙ (لائڪس) ۽ ٻڪري (ڪئپروس) جا نالا ڏنا ويا هيا. هنن هي فرضي جانور انڪري تخليق ڪري ورتا هيا تہ جيئن هو ڇيتي (شينهن) جي نوڪري چاڪريٰ ڪري سگهن.

+ (گبن بابل لڳ سائرس جي شڪست جو حوالو ڏئي جيڪا سندس وڏي پاڻ ارٽيڪسزرڪسِس يا ارد شير ڪيس 401 ق - م ڏني هئي. يوناني زينوفن سميت سائرس جا اتحادي هيا.

115. سائروپيڊيا، فضول ۽ اينگهائيندڙ آهي. اناباسِس، واقعاتي ۽ جذبن سان پرپور آهي. اهو ئي انساني ۽ حقيقت ۾ هڪ دائمي فرق آهي. (سائروپيڊيا ۾، زينوفن جو مطلب اهو هو تہ فارس جي بادشاهہ سائرس - 529 - 563 ق-م) سان تعليم منسوب ڪري. جڏهن تہ اناباسِس ۾ هن هڪ ڏکهي سفر بابت ٻڌايو آهي جنهن ۾ ڏهہ هزار ماڻهو ميسوپوٽيميا کان يونان تائين سفر ڪن ٿا.

116. روفينَس موجب، امن جي دستاويز ۾، ڪاڏي پيتي ۽ ضروري شين کي فورن مهيا ڪرڻ کي يقيني بنائڻو هو ۽ ٽوڊوريٽ ان ڳالهہ جي تصديق ڪري ٿو تہ فارس وارن امن جي شرطن کي هر لحاظ سان پورو ڪيو هو. اها حقيقت ٿي تہ سگهي ٿي پر هتي اها بلڪل غلط ۽ ڪُوڙي آهي. ڏسو ٽليمانٽ کي (شهنشاهن جي تاريخ ۾ - (iv, 702)

117. اسان ليوڪن جي ڪجهہ سِٽن کي ياد ڪريون. (فرسال - (iv, 95) جيڪو اهڙي ئي قسم جي مصيبت ۽ مشڪلاتن جو ذڪر اسپين ۾ پيش آيل سيزر جي فوج جي باري ۾ ڪري ٿو:

"ظالم ڏڪار تڙپايو هو..... سپاهي بُک پئي مٺا، ڇا جي فضول خرچي، وٽن جيڪو ڪجهہ بہ هيو سو وڪٽي ڇڏيائون تہ جيئن ڪو مانيءَ ڳيو خريد ڪري سگهن." اي لالچ جي ذليل بيماريا! ڪڏهن تہ سون آڇيو ويندو ۽ هتي بکايل وڪرو ڪندڙن جي ڪمي ڪانہ هئي." ڏسو گيچارٽ کي. (فوجي معرڪن جون يادگيريون 382-379 ,i) سندس ٻن جنگي معرڪن جو تجزيو، جيڪي اسپين ۽ آفريڪا ۾ وڙهيون ويون، ان جو مثال هڪ عظيم مناري جو آهي جنهنکي سيزر جي شهرت جي سلسلي ۾ ڪڏهن بہ تعمير ڪيو ويو هجي.

118. ايم - ڊي ائنول، (ڏسو سندس نقشا ۽ فرات ۽ دجلہ نديون - صفحا 92، 93) سندن پيش قدميءَ کي نقشن جي صورت ۾ واضح ڪيو آهي ۽ هاترا، اُر ۽ ٽلا سافانا جي صحيح هنڌن جو ڏس پتو ڏنو آهي جن بابت اميئينس پڻ بيان ڪيو آهي. هو سماعيل جو ذڪر نٿو ڪري جيڪا هڪ موتمار هوا هئي جنهن کان ٽيورنات ڏاڍو ڊڄندو هو. (ساموندي مسافريون - (ii, i, 19

119. جوويَن جي پاڇ کي اميئينس بيان ڪيو آهي (xxv, 9) لبينيَس (پدري تقريرون - (143، 365) ۽ زوسيمس (iii, 194)

120. لبينيَس (پدري تقريرون (145، 366) هڪ تقرير جي ماهر جون خواهشون ۽ فطري اُميدون اهي هيون.

121. ڪارهي جي ماڻهن، هڪ شهر جيڪو لاديٰنيت سان وابستہ هيو، هڪ منحوس پيغام رسائيندڙ کي پٽرن جي هڪ ڊير هينان پوري ڇڏيو. زوسيمس (iii, 196) لبينيَس کي جڏهن هن دردناڪ واقعي جي خبر پئي تہ هن پنهنجون نظرون

اگهاڙي ترار تي ڪُپايون پر ڪيس ياد آيو تہ افلاطون خودڪشيءَ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي هئي: تنهنڪري هن سوچيو تہ ڪيس زندهہ رهڻ گهرجي تہ جيئَن جولين جي تعريف ۾ شروع ڪيل مدح سرائيءَ کي مڪمل ڪري سگهي. (البينيَس - ڊي وائٽا سُئا - ii, 45, 46)

122. اميئينس ۽ يوٽروپيَس کي، عوامي زبان ۽ سندن راين يا اظهارن جي لاءِ نهايت ئي موزون ۽ منصف شاهدن طور قبول ڪري سگهجي ٿو. ائٽنٽئڪ جي ماڻهن هڪ بدنام ۽ ذلت واري امن کي گارگند ڏيندي رد ڪيو هو جو تہ ان سان هو فارس وارن آڏو صفا بي يارومددگار بڻجي ويا هيا جو سندن سرحدون هاڻي غير محفوظ هيون ۽ دشمن جي حملي جو وڏو امڪان موجود هيو. (وئليسيانا منجهان اقتباس - ص - 845 - اڳيون جاني ائٽنيو چينو)

123. ابي ڊي لابليٽري (جووين جي تاريخ - 227 - 212 ,i) تورَي جو هو فقط پنهنجي ضمير جو چيو مجيندو هو. اعلان ٿو ڪري تہ جووين واعدي پاڙڻ جو پابند نہ هيو جو تہ هن شهنشاهت کي توڙڻ ۽ ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ نٿي چاهيو ۽ نہ وري سندن مرضيءَ کانسواءِ، هُن پنهنجن ماڻهن جي ساڻس وفاداريءَ کان پاڻ کي پري ڪرڻ ٿي چاهيو. مون هدايتن ۽ فرمانبرداريءَ جي اهڙي خوشي اڳ ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪئي آهي جهڙي هن سياسي مابعد الطبيعات ۾ مونکي ملي.

124. نسبس ۾ هن هڪ شاهاڻو ڪر ڪيو. (گبن، هتي، روم جي جمهوريہ جي شهنشاهن خلاف تعصب جو روَيو قائم ٿو ڪري) هڪ دلير آفيسر، جيڪو سندس نالي پائي هو، ۽ جنهن کي بادشاهہ بنائڻ لاءِ اهل سمجهيو ويو هو، کي رات جي مانيءَ تان اتاري، ڪيس گهلي ۽ هڪ ڪوهَ ۾ اچلايو ويو ۽ بغير ڪنهن سبب، الزام يا قانوني ڪارروائيءَ جي پٽر هٽي ڪيس ماريو ويو. اميئينس - xxv, 8)

125. ڈسو (xxv, 9) زوسيمس (iii, 194, 195)

126. پاسڪل جا واقعا (ص - 300) ڪليسائي نوٽ ۽ حاشيا ضرور پڙهيا وڃن.

* (سارسنپار لهندڙ جو جذبو)

127. زوسيمَس (iii, 192, 193) سيڪسٽَس روفَس (صوبائي حڪومت - باب - 29) آگسٽائن (شهري حڪومت - iv, 29) هن قسر جي صورتحال کي لاڳو تہ ڪيو وڃي ۽ انکي احتياط سان پرجهيو ۽ پروڙيو وڃي.

128. اميئينَس (xxv, 9) زوسيمَس (iii, 196) " هو يقينن لالچي هو ۽ شراب خوري ۽ زنا جي ڪٽن ڪمن ۾ پئجي ويو هو." ۽ آءٌ، بچنل جي هنگامن جي غلط رپورٽ کي رد ڪرڻ ۾ لابليٽري جي راءِ سان شامل آهيان (154-148 ,i) جنهن تي ائٽنٽئڪ ۾ خوشيون ڪيون ويون هيون جن ۾ شهنشاهہ، سندس گهرواري ۽ سندس سَريتن جو هڪ وڏو تعداد شامل هو.

129. ابي ڊي لابليٽري (i, 156, 209) بٽرونيَس جي وحشياڻي ڪٽر پٽي کي وڏي دانائيءَ سان اگهاڙو ٿو ڪري چڏي جيڪو جولين جي لاش کي شايد ڪتن آڏو اڇلائي چڏي ها جو تہ سندس نظر ۾ اُهو "دفن ڪرڻ جي لائق نہ هيو."

130. هڪ فيلسوف ۽ هڪ درويش جي پيٽ ڪيو (البينيَس، مونوڊ - ii, 251 ۽ پدري تقريرون - 145، 307، 156، 377 گريگري نازنزين سان گڏوگڏ - تقريرون 132 ,125 ,iv) عيسائي تقرير باز هوريان پٽ پٽ ڪندي وضع داري ۽ معاف ڪرڻ جي جذبي تي زور ٿو ڏئي، پر هو پنهنجي اندر ۾ مطمئن آهي تہ جولين کي رسيل عذاب ۽ تڪليفون، عڪسيَن ۽ تشٽئلَس جي تڪليفن کان وڌيڪ ڏکوئيندڙ آهن. (جونو سان محبت ڪندي عڪسيَن کي هڪ ويل سان

سوگهو ڪري ٻڌو ويو هو ۽ ٽئنٽئلَس کي وري ديوتائن جي رازن کي ظاهر ڪرڻ تي نہ اُجهامندڙ اُجَ کاٽڻ جي سزا ڏني وئي هئي.

131. ٽليمانٽ (شهنشاهن جي تاريخ - iv, 549) هي خيال ۽ نظَريا هن پاڻ وٽ جمع کيا آهن. ڪنهن بزرگ يا فرشتي کي رات جي وقت ٻر گهر تي وڃڻ جو مشاهدو ڪيو ويو هو ۽ انجو مقصد شايد کو ڳجهو ڪر هو.

132. سوزومين (vi, 2) آمرن ۽ ظالمن کي قتل ڪرڻ جي يوناني نظريي کي ساراهي ٿو. پر سڄو ٽڪرو جيڪڏهن کو عيسائيت جو پوئلڳ ترجمو ڪري ها تہ بهتر ٿئي ها پر انکي صدر ڪزن ڏهائي ڇڏيو آهي. (الوئس ڪزن - 1707-1627ع)، هڪ تاريخدان ۽ يوناني ادب جو ايڈيٽر رهيو آهي.)

133. جولين جي موت کان فورن پوءِ هڪ غير يقيني افواهه کي پکيڙيو ويو تہ: " ڪيس روم جي هٿيارن سان قتل ڪيو ويو هو." ان افواهه کي روم جي ڪئمپ جي ڪن پاڇوڪڙن طرفان فارس وارن تائين پهچايو ۽ ڦهلايو ويو: اهڙيءَ طرح رومين متان ساپور ۽ سندس رعيت طرفان پنهنجي ئي شهنشاهه جي قاتل هجڻ جو تهمتون هنيون ويون ۽ ڪانئن نفرت جو اظهار ڪيو ويو. (اميئينَس - xxv, 6 لبينيَس - 163 - 162 ,iii) ثبوت طور ان ڳالهہ تي زور پريو ويو تہ ڪو بہ ماڻهو ظاهر نہ ٿيو جيڪو ظاهر ڪيل انعام کي حاصل ڪري. (لبينيَس - پدري تقريرون - 363 ,141) پر اڏامندڙ گهوڙيسوارن جن نيزو چوڙيو هو، اهي ان جي اثر کان بيخبر هيا يا وري هو شايد ساڳي ئي وارَ ٻر ماريو ويو هوندو. اميئينس کي ان افواهه تي نہ تہ شڪ ٿو پوي نہ وري ان کي وڌائي وڏو ٿو ڪري.

134. " ڪو ماڻهو پنهنجي اڳواڻ جي حڪمن جي تعميل پيو ڪري،" هن اونداهي ۽ شڪ گاڏڙ اظهار جو اشارو انٽسيَس ڏانهن آهي، جيڪو عيسائي مذهبي ماڻهن ٻر پهريون شخص آهي جنهن جو ڪو بہ مخالف ڪو نہ هو. (لبينيس - 5,149 لابليٽري - جوويَن جي تاريخ - 179 ,i)

135. تقرير جو ماهر (فئبريشيس - يوناني واقعا - 179 - 145 ,vii) هر طرف شڪن شبهن کي ڦهلائي ٿو ڇڏي، پڇا ڳاڇا ۽ تفصيلي معلومات حاصل ڪرڻ تي زور ڏئي ٿو ۽ اشارن ٻر چئي ٿو وڃي تہ شايد ثابتيون ملي وڃن. هو هُنن (The Huns) جي ڪاميابيءَ جو ذميوار، جولين جي موت جو انتقام ونڊ ٻر غفلت جي روَيي کي ٿو ٻڌائي.

136. وسپاسيان جي ڪفن دفن جي موقعي تي، هڪ مسخري، جنهن ڪنجوس شهنشاهہ تي ڏنڀوين ڪيون، تجسُس منجهان پڇيو: " ان تي ڪيترو خرچ آيو هو؟" "جواب مليس:" اسي هزار پائوند." تہ هن وراڻيو:" مونکي ان جو ڏهون حصو ڏيو ۽ پوءِ پلي مونکي " ٽائيبر نديءَ ٻر لوڙهي ڇڏيو." سيوٽن (وسپاسيان ٻر - باب - 19) جنهن ٻر ڪسوبان ۽ گرونوويس جا حاشيا بہ شامل آهن.

137. گريگري (تقريرون - iv, 119, 120) هن فرضي ذلت ۽ حماقت کي ڪانسٽئنٽيَس جي دفن جي اعزازن سان ٿو پيٽائي جنهن جي جسر کي توڙس جبل تي نيڻ وقت فرشتن جي هڪ ٽولي سندس مان ٻر نغما ڳايا هيا.

* (رُکو ۽ سخت مزاج فيلسوف)

138. ڪُنٽس ڪرٽيَس (i, iii, 4) سندس بيان جي ڪشادگي يا ڊگهائيءَ کي گهٽو ڪري ناپسند ڪيو ويندو هو. ان جي باوجود تاريخدان جو اهو فرض آهي تہ ان ندي‌ءَ بابت ماڻهن کي سيڪجهہ ٻڌائي جنهن جو پاڻي سڪندر لاءِ ذري گهٽ موتمار ثابت ٿيو هو.

139. لبينيَس (پدري تقريرون - 156,377) تڏهن بہ هو وڏي احسانمنديءَ مان ٻن شاهي پائرن جي فراخدليءَ کي دل سان تسليم ڪري جن جولين جي مقبري کي سينگاريو ۽ سنواريو هو. (ڊي - الُسس جولين - 7, 152)

140. نوٽ: بدقسمتيءَ سان سڄو حاشيو، يوناني، لاطيني يا رومي زبان ۾ لکيل آهي جنهن جو ترجمو ڪرڻ ممڪن ناهي. اميئينَس - (xxv, 10)

وضاحت: اها حيرت جي ڳالهہ آهي تہ سڄي ڪتاب ۾ فقط چند حاشيہ اهڙا آهن جتي مصنف طرفان ترجمو نہ ڏنو ويو آهي نہ تہ ذري گهٽ سڄي ڪتاب جي اڪثر حاشين ۾ لاطيني ۽ يوناني وغيرہ هولين سان گڏ انگريزي ترجمو بہ ڏنل آهي جنهن جو سنڌي ترجمو پيش ڪيو ويو آهي، باقي تمام ٽورڙن حاشين ۾ انگريزي ترجمو چو نہ ڏنو ويو آهي، اها ڳالهہ سمجهہ کان ٻاهر آهي. (سنڌيڪار)

باب - پنجويهون
(خلاصو)

جووين جي حڪومت ۽ سندس موت - ولينٽينين جي اليڪشن جيڪو پنهنجي پاءُ وليس سان ملي، اوير ۽ اولهه جي شهنشاهتن جي قطعي ورهاست ڪري ٿو. پروڪوپيس جي بغاوت - شهري ۽ ڪليسائي انتظام - جرمني - برطانيه - آفريڪا - مشرق - دنيوب. ولينٽينين جو موت - سندا ۾ پُٽ: گرشين ۽ ولينٽينين - II اولهه واري شهنشاهت ۾ ڪاميابي حاصل ڪن ٿا.

گبن، جووين جي موت کي، سندس قسطنطنيه ڏانهن واپس وڃڻ سان لاڳو ٿو ڪري. ۽ وئلينٽينين تخت جون واڳون ٿو سنياليِ، جيڪو هڪ فوجي ڪمانڊر هيو. جنهن اولهه ۾ پنهنجي شهنشاهت تي حڪومت ڪئي جڏهن ته سندس پاءُ وئلنس اوير جو شهنشاهه هيو. جاودگري ۽ ڪاري علم کي ظالماڻي طريقي سان ڪچليو ويندو هو ۽ ٻنهي پائرن ۾ مذهبي معاملن ۾ گهٽي سهَپ جا گڻ موجود هيا ته ساڳي وقت علم ۽ ڄاڻ جا به قدردان هيا. گبن، جنگ جي پنجن آکاڙن يا ميدانن جو جائزو ورتي ٿو جيڪي 375 - 364ع جي عرصي ۾ لڳيون ۽ اُنهن کي هنن عنوانن هيٺ ڄاڻايو ويو آهي: جرمني، برطانيه، آفريڪا، مشرق ۽ دنيوب. رائين جي حفاظت کي، جرمنيءَ جي قومن ۽ قبيلن جي مخالفت ۾، واپس ڪيو ويو هيو: جنرل ٿوڊوسيس برطانيه ۾ قانون جي حڪمرانيءَ کي قائم ڪيو، جتي اڳ ڪئيليڊونا ۽ سئڪسن جي لٽيرن هن خطي ۾ وڏي بدامنيءَ جو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو هو. ٿوڊوسيس، آفريڪا ۾ پيدا ٿيل بغاوت کي ختم ڪري ڇڏيو هو: اوير ۾ اهڙا ماڻهو رهندا هيا جن تي وَيساهه نه ڪري سگهبو هو. ۽ دنيوب تي، وئلينٽينين جي موت جي موقعي تي، جيڪو 375ع ۾ ٿيو، گاٿن، پنهنجي طاقت جي زور تي شهنشاهت کي للڪاريو هو ۽ مٿس حملي ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيا هيا.

باب - چوڏهون
(خلاصو)

ريڊار ۽ ڏنار قومن جا طور طريقا - چين کان يورپ تائين هُنَن (The Huns) جو واڌارو - گاٿن جي ڀاڄ - اُهي ڊنيوب کي اڪري وڃن ٿا - گاٿن جي جنگ - والنس جي شڪست ۽ سندس موت - گرلشيَن، ٿيوڊوسيس کي اوير جي شهنشاهت حوالي ڪري ٿو - سندا ڪردار ۽ ڪاميابي - امن ۽ گاٿن جي بحالي.

روم جي شهنشاهت جي زوال کي، گبن وٽلِنس جي حڪومت جي آخري سالن کان شروع ڪري ٿو. (375-378ع) جڏهن گاٿن کي، هُنَن (Huns) جي حملي کان بچائڻ خاطر، ڊنيوب کي اڪرڻ جي اجازت ڏني وئي هئي. جن جي، چين جي سرحدن کانوئي يورپ تائين، خانہ بدوشي وارن طور طريقن کي باب چوڏهين ۾ وضاحت ۽ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. سندن اڻ گهڙيل ۽ سخت رويَن سبب، گاٿ، شهنشاهت ۾ چڙ بيگانن وانگر هيا ۽ بنادير جي جنگ جوئڻ لاءِ مجرجي پوندا هيا. ان وچ ۾ جرمني جي قبيلن ڊنيوب ندي پار ڪئي، پر گرٿشيَن جي ڪمان هيٺ گال جي فوج کين شڪست ڏني. گرٿشين پنهنجي پيءُ وٽلينٽينيَن کانپوءِ اولهہ جي شهنشاهت جون واڳون سنياليون. وٽلِنس کي، 378ع ۾، هئڊرئنوپل جي جنگ ۾ گاٿن نہ رڳو شڪست ڏني پر کيس ماريو ويو. ٿيوڊوسيَس سندس جانشين ٿيو جيڪو ساڳي نالي واري جنرل جو پٽ هو جنهن برطانيہ ۾ امن اَمان قائم ڪيو. هن آهستي آهستي اوير ۾ روم جي فوجن جي طاقت کي مستحڪم بڻايو ۽ گاٿن جي اعتماد کي بحال ڪيو جن کي ٿريس ۾ آباد ڪيو ويو. اهو امن، بهرحال ايترو پرسڪون نہ هيو ۽ ماڻهن جي حفاظت جي ذمينداري چڙ تہ هڪڙي ماڻهوءَ جي زندگي ۽ سندس لياقتن تي مدار رکندڙ هئي.

باب - ستاويهون
(خلاصو)

گرليشيّن جو موت - آرين عقيدي جو خاتمو - سينٽ امبروز - مئڪسيمّس جي خلاف پهرين خانہ جنگي - ٿوڊوسيّس جو ڪردار، انتظام ۽ پيڇاڻ - ولينٽينيّن - II جو موت - يوجينيّس خلاف ٻي خانہ جنگي - ٿوڊوسيّس جو موت.

گبن ٻڌائي ٿو تہ گرٽيشيّن ڪيئن نہ پنهنجي اڳئين واعدي تان ڦري ويو هو ۽ فوجي ڪمانڊر مئڪسيمّس ڪيس حڪومت کان هٽائي ڇڏيو هو جنهن برطانيہ تي 383ع ۾ گال جي طرف کان حملو ڪيو هو. هاڻي هڪڙي ئي وقت ۾ ٽي شهنشاهہ هيا: ٿوڊوسيّس اوير ۾، وئلينٽينيّن - II اٽلي ۽ آفريڪا ۾ ۽ مئڪسيمّس اولهہ ۾ موجود هو. آريّنس کي ملڪ مان ڪڍڻ ڪانپوءِ، ٿوڊوسيّس عيسائي ڪليسا ۾ ايڪو ۽ اتحاد قائم ڪيو. ملن ۾، وڏي پادري ائمبروز؛ وئلينٽينين ۽ سندس ماءُ جسٽينا جي آرين عقيدي جي مخالفت ڪئي، ۽ جڏهن هو اتان پڳا تہ جيئن وجي ٿوڊوسيّس وٽ پناهہ وٺن، تہ ان دوران مئڪسيمّس اٽلي تي حملو ڪري ڏنو. ڪيس شڪست آئي ۽ پاڻ ٻہ ماريو ويو ۽ وئلينٽينيّن وري حاڪم ٿي ويو. اٽنٽئڪ ۽ ٿيسالونيڪا ۾ برپا فسادن کي نرمي تورڙي سختيءَ ذريعي ڪچليو ويو ۽ ٿوڊوسيس کي ائمبروز طرفان مجبور ڪيو ويو تہ ذڪر ڪيل پوئين علائقي تي حملي ڪرڻ تي پڇتائي. جڏهن وئلينٽينين 392ع ۾ پُراسرار حالتن ۾ مئو تہ ويتر خانہ جنگي شروع ٿي وئي. جڏهن ٿوڊوسيّس 395ع ۾ پاڻ ٻہ مري ويو تہ هن پنهنجي شهنشاهت، پنهنجن ٻن پٽن: هانريّس کي اولهہ ۾ ۽ آرڪيڊيّس کي اوير ۾، سؤنپي ڇڏي. شهنشاهت کي گاٿن ۽ هُنَن (Huns) طرفان حملي جو فورن خطرو ٿي پيو ڇو تہ هاڻي روم جي پيادل فوج جي اڳين طاقت موجود کانہ هئي جيڪا بربرن جي طاقتور گهوڙيسوار فوج جو مقابلو ڪري سگهي.

ROME JI SHAHANSHAHAT
JO
ZAWAL AIN KHATMO

[*The Decline & Fall of the Roman Empire*]

(Part-I)

By:

EDWARD GIBBON

Translated by:

INAYAT BALOCH

Sindhi Adabi Board

Jamshoro, Sindh

2010

All rights of Sindhi Translation are reserved

1st Edition Dec 2010 1000 Copies

All rights reserved. No part of this book may be reproduced in any form or by any electronic mechanical means, including storage and retrieval system, without express permission in writing from the publishers.

This book is published by Sindhi Adabi Board's special publishing scheme of annual Development program, Government of Sindh from the budget of financial year 2005-06

[Price. Rs: 535 – 00]

Available at

SINDHI ADABI BOARD'S KITAB GHAR

Tilak Incline, Hyderabad, Sindh

Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

Printed and published by Professor Syed Zawar Hussian Shah Naqvi, Secretary, Sindhi Ababi Board, Jamshoro, Sindh from Sindhica Academy Karachi.